

جادو ۽ سائنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

ـ جلد ٻيهرون ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوءِ سائنس

(کُل جلدَ ۴)

— جلد پھريون —

از

سر جيمس جارج فريزر

مترجم

سوملعلي م. سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، تلڪ چاڙهي،

بندر روڊ، ڪراچي، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون چاپو ۱۹۵۹ع ۲ هزار کاپيون

هن ڪتاب جي اشاعت جا جملي حق سنڌي ادبي بورڊ
وٽ محفوظ آهن .

قيمت [illegible]

ملڻ جو هنڌ :-
سنڌي ادبي بورڊ جو ڪ استال،
سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي،
۽ تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب "نواءِ سنڌ" پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو
۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ، محمد ابراهيم جويي،
شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم جو نوٽ

علم الانسان جي ماهرن جي راءِ آهي تہ حضرت انسانؑ، جو اڄ اسان کي ڏري گهٽ ترقيءَ جي پنهه عروج تي نظر اچي رهيو آهي، سو اڄ کان ڪروڙين سال اڳ انتهائي وحشي حالت کان درجي بدرجي ترقي ڪندو، مَسَ پنهنجي موجوده منزل تي رسيو آهي. اڃوڪي تهذيب ۽ تمدن، جنهن تي اسين ايڏو نازڪري رهيا آهيون، سا نہ هڪ صديءَ جي پيدائش آهي، ۽ نہ ڪنهن هڪ زماني جي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اها اسان کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان آهستي آهستي ورثي ۾ ملندي آئي آهي ـ اهي ابا ڏاڏا، جن کي اڄ اسين اڻ سڌريل ۽ وحشيءَ جهڙن حقارت آميز خطابن سان نوازي رهيا آهيون. لکين سال اڳ، جڏهن انسان پاڻ کي نامهربان ماحول ۽ قدرتي عناصر جي رحم و ڪرم تي ۽ تن تنها ڏٺو، تڏهن سندس اڻ گهڙيل دماغ جي جيڪا ڪيفيت رهي هوندي، تنهن جو اسين شايد تصور ۾ نہ ٿا ڪري سگهون. اهو انهيءَ وحشيءَ ۽ اڻ سڌريل انسان جي مشاهدن ۽ تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسين قدرت جي اهڙن پوشيده رازن کي پروڙي سگهيا آهيون، جن کي پيا تہ چڊيو پر رکو اڳينءَ صديءَ جا ماڻهو ۾ "خدا جي رازن ۾ هٿ وجهڻ" سڏيندا هٿا، ۽ جي اڃوڪي زماني جي سائنسي ايجادات کي هوند ڪرامات ۽ معجزن کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڏيئي ڪين سگهن ها.

ارتقا جي اصول مطابق، موجوده انسان، ٿيندي ٿيندي، 'چمپنزي' قسم جي باندرنما جانور جي هڪ گهراڻي مان نڪري، آهستي آهستي، پنهنجي بهيماڻ شڪل و صورت، عادتن ۽ خصلتن کي ترڪ ڪندو، اڄ اڇي هڪ شائستہ ۽ مهذب انسان جي منزل کي پهتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بظاهر، هيءَ ڪالهه هڪ بيخبر ماڻهوءَ لاءِ ڪيل جهڙي آهي، پر ارتقا جي اصولن کان باخبر ۽ سمجهه، پوجهه رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ انهيءَ نندڙيءَ ڪالهه ۽ فڪر ۽ غور جا داستان پريل آهن. ٽوروٽي غور ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اڄوڪي انسان کي پنهنجي انهيءَ وحشي حالت کي چڏڻ ۽ ڪيترو نه ڏکوئيندڙ عرصو لڳو هوندو، ڪيس کهڙين نه دشوارين سان مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، ۽ ڪيتري نه ڪيس جدوجهد ڪرڻي پيئي هوندي! سندس ظاهري وضع قطع ۽ جسماني ساخت کي هڪ هيبتناڪ "حيوان" جي حليي کان ڦري، هڪ خوبصورت انسان جي شڪل ۽ تبديل ٿيڻ ۽ ڪيترين نه ارتقائي منزلون طي ڪرڻيون پيئون هونديون!

اهو ته ٿيو سندس جسماني تبديليءَ جو احوال. پر حضرت انسان مخلوقات جي پين ساهوارن کان جيڪا فوقيت ۽ برتري حاصل ڪئي آهي، سا رڳو سندس جسماني فضيلت جي مرهون منت نه، پر خاص طرح سندس دماغي صلاحيتن جي ئي محتاج آهي. جنهن شيءَ کي اڄ اسين "عقل سليم" ۽ "انساني شعور" سڏيون ٿا، سو ته انسان کي تنهان ئي زياده تڪليف ۽ جانڪاهيءَ کان پوءِ نصيب ٿيو آهي. اوائلي انسان کي جڏهن پهريائين پنهنجي دماغ کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت جو احساس ٿيو، تڏهن هن جو ڏيان سڀ کان اول پنهنجي قريبي ماحول ڏانهن ڇڪيو، ۽ هن انهن سڀني فطرتي قوتن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، جي سندس وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هميشه ساڻس برسر پيڪار هيون. هن جي اڻاسريل ۽ نندڙي دماغ انهن سڀني شين ـ وڄ، ڪڄڪوڙ، برسات، طوفان، سڄ ڇنڊ ۽ انهن جي گرهن، زندگي ۽ موت، وغيره ـ جي اسباب و علل ڄاڻڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي. انهيءَ جاکوڙ ۽ ڪيس هڪڙا خيال ترڪ ڪري، ورجي ورجي پيا ۽ نوان خيال اختيار ڪرڻا پيا. جيئن جيئن سندس تجربن ۽ مشاهدن سندس اڳوڻن خيالن جي ترديد ڪئي، تيئن تيئن هن سڄ حاصل ڪرڻ جي تلاش ۽ ڳولن واڌو ۽ اڳواٽ اڻ ڏٺل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهون اختيار ڪيون. اچوڪو 'سمجهدار' انسان، جو پنهنجي اوائلي زماني جي پاڻ کي وهم پرست سڏڻ کان دريغ نه ٿو ڪري. تنهن کي جيڪڏهن انهيءَ ماحول ۾ انهن دشوارين سان مقابلي ڪرڻ جو اڄ به ڪو موقعو ملي، تہ امڪان اغلب آهي تہ هو ايترو ڪجهه به نہ ڪري سگهي، جيترو سندس انهيءَ وحشي پيشروءَ پنهنجن پونيرن لاءِ ورڻي ۾ ڇڏيو. اهو سچ آهي تہ اوائلي انسان ڪائنات جي مختلف مشاهدات متعلق جيڪي اسباب و علل سوچيا، ۾ جن تي هن گهڻي زماني تائين ڪنڌ ڏني، سي آخرڪار باطل ۾ بي بنياد ثابت ٿيا. پر هيءَ ڪالهه تسليم ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي تہ بعد واري زماني جي تحقيقات ۾ ڪوجنائن جو اصلي بنياد اوائلي انسان جا اهي ٿي باطل ۾ ڪوڙا نظريا ۾ عقيدا هٿا، جن اسان جي موجوده زماني جي سائنس کي جنم ڏنو. جيستائين اوائلي انسان جي وهمن ۾ پرمن کي بي حقيقت ثابت نہ ڪيو ويو، تيستائين حقيقي جاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانہ هئي. ۾ اهڙن محققن کي، قديم زماني کان وٺي سينہ بسينہ ورڻي ۾ مليل ڪالهين کي اوچتو ئي اوچتو باطل چوڻ ۽ باطل ثابت ڪرڻ ۾، ڪهڙو نہ جيءَ جو جوکو ملهہ ڪنهڙو پيو هوندو، تنهن جا ڪئين مثال تاريخ ۾ موجود آهن، جن جي بيان ڪرڻ جي هت ڪا خاص گنجائش ۽ ضرورت ڪانهي.

بهرحال، هيءَ دنيا، گذريل ڪروڙن ۽ اربن سالن کان وٺي ترقي ڪندي آئي آهي، ۽ ظاهر آهي تہ اهائي دنيا، جا اڄ هڪ اهڙيءَ منزل تي اچي پهتي آهي، جتي انسان پنهنجي قريبي ۽ فوري ماحول تي مڪمل قدرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ آسمانن ڏانهن اکيون کنيون آهن، ۽ جنهن ڪائناتي خلا ۾ معلق سيارن جي تسخير جي ڪوشش شروع ڪئي آهي. ان ئي دنيا ۾ ڪن صدين يا هزارن سالن کان پوءِ ڪو اهڙو انسان آباد نظر اچي، جنهن جي نظرن ۾ اچوڪو انسان به محض ان ئي ابتدائي وحشي دور جو هڪڙو آخرين يادگار ثابت ٿيا۔ تہ اها ڪالهه ڪا ناممڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آهي. جهڙيءَ طرح اسان پنهنجن پيشرَوَن جي حاصل ڪيل حڪمت ۽ اخذ ڪيل نتيجن جي ڏير مان ڪولهي ڦولهي سچ ۽ سونءُ پرکي ڪم آندو آهي ۽ سندن غلطين کي مٽءُ ۽ بيڪار چاڻي ڦٽو ڪري ۽ انهن متعلق پراڻا خيال ترڪ ڪري، ترقيءَ جي راه تي پنهنجو قدم اڳتي ٽي وڌائيندا آيا آهيون، بلڪل اهڙيءَ ٽي طرح اسان جا پويان ۾ اسان جي غلطين کي بي حقيقت سمجهي، اسان جي ڪاميابين مان فائدو حاصل ڪري، حق جي جاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ڪائنات جي مڪمل تسخير جي منزل مقصود ڏانهن گامزن نظر ايندا... ۽ اهو زمانو پري نہ ٿو نظر اچي، جڏهن هيءَ آدم جو اولاد چنڊ تہ پجاءِ خود، اڇا ۽ ڪنهن زياده بلند مقام تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٽي ويندو.

"جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناه ڏرو،
نڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آدپسين جو لڳو دڳ درو،
پري پين پرو، نات ڏٺائون نانهن پرا!" —"شاه"

زير نظر ڪتاب علم‌الانسان جي گونان‌گون شاخن مان هڪ شاخ سان واسطو آهي. جيئن مٿي عرض ڪري آيا آهيون، انسان ڪائنات جي حقيقت پروڙڻ لاءِ ڏاڍا ڪٺن هنيا آهن ۽ سندس انهيءَ طويل جدوجهد جو داستان ۽ اوتروئي طويل آهي، ان کي ڪنهن هڪ يا ٻن جلدن اندر ماپائڻ ناممڪن آهي. سنڌي زبان ۾ شايد هي پهريون ٽي دفعو آهي، جو حضرت انسان جي هن ڪوه شڪنيءَ جو داستان سنڌي خوانده عوام اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو. ٻين ٻولين ۽ خاص طرح انگريزيءَ ۾ تہ انهيءَ موضوع تي انتهائي دلچسپ، مفيد ۽ غور و فڪر جي غذا سان ڀرپور ڪيئي جلد لکيا ويا آهن، پر اسان جي مادري زبان علم جي انهيءَ شاخ کان تاحال بي بهره رهي آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان کي مبارڪباد جو مستحق آهي، جو هن انهيءَ ڏس ۾ دلچسپي ورتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر فريزر جي جڳ-مشهور ڪتاب (*Golden Bough*) جو هي سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي.

اوائلي انسان جي دماغي ارتقا، معاشرتي نظام، سياسي جوڙجڪ ۽ سنڌس تهذيب و تمدن جي تحقيقات ۾ پروفيسر فريزر جون خدمتون سڄيءَ دنيا ۾ مُسَلّم آهن. جنهن ڪتاب جو اسان ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون، سو دراصل بارنهن جلدن ۾ لکيل آهي ۽ منجهن جيڪي به حقيقتون پيش ڪيون ويئون آهن، يا مثال ڏنا ويا آهن، تن جون اختياريون ۽ حوالا به انهن ۾ ڏنل آهن، پر جيئن ته اهي بارنهن جلد عام ماڻهوءَ جي دسترس کان بالاتر آهن، ۽ ته وري عام ماڻهوءَ وٽ ايترو وقت آهي، جو انهن جو مطالعو ڪري منجهانئن مستفيض ٿي سگهي، ان ڪري فريزر صاحب انهيءَ درياه کي کوڙي اندر بند ڪري، اهو سڄو مواد اختصار طور هڪ جلد اندر ماڻايو آهي- جنهن جي ترجمي کي اسان ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪرڻ جي هيءَ ڪوشش ڪئي آهي. اصل ڪتاب جي اختصار جو هي سنڌي ترجمو به جملي ٽن جلدن ۾ شايع ٿيل وارو آهي.

ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي دوران ۾ انگريزيءَ جا ڪي اهڙا الفاظ ۽ اصطلاح سامهون آيا، جن جا هم معنيٰ الفاظ سنڌيءَ ۾ ملڻ مشڪل هئا، جنهنڪري گهڻن هنڌ تي نون لفظن ۽ اصطلاحن جي تلاش ڪرڻي پيئي آهي. اهڙن مشڪل مرحلن تي مسٽر محمد ابراهيم جويي نهايت همدرديءَ ۽ پنهنجائپ سان منهنجي رهبري پئي ڪئي آهي؛ ۽ جيئن ته هن ميدان ۾ منهنجي هيءَ پهرين ڪوشش آهي، ان ڪري منهنجي ٻوليءَ ۾ نقائص ۽ انداز بيان ۾ ناپختگي هڻ هڪ لازمي امر هوا انهيءَ ڏس ۾ به محترم جويي صاحب گهري دلچسپي ورتي ۽ انتهائي محنت سان منهنجي ناقص ڪوشش کي سڌاريو ۽ ڪامياب بڻايو آهي، جنهن لاءِ آءُ صاحب ممدوح جو نهايت شڪرگذار آهيان. اهو سنڌس شخصي ڪاوش جو ئي نتيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جو هن ڪتاب جو ٻهريون جلد ذري گهٽ ٽن سالن جي محنت ٻچاڻان هن صورت ۾ منظرعام تي اچي رهيو آهي. اميد ته جنهن اعليٰ مقصد کي مدنظر رکي سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب پيش ڪري رهيو آهي، سو سنڌي پڙهيل عوام جي دلين ۾ علم ۽ ڄاڻ جي نئين روشنيءَ جي جوت جاڳائڻ ۽ سندن خيالن ۽ نظرين کي ڪجهه قدر حقيقت پسندانه بنائڻ جي صورت ۾ حاصل ٿي سگهندو.

ڪراچي،
١٤ نومبر، ١٩٥٩ع

— سومار علي ٻ٠ سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

باب		صفحو
پهريون	پيلي جو بادشاه	۱
	(۱) ڊائنا ۽ وربهس	۱
	(۲) آرٽيمس ۽ هپولائيٽس	۱۴
	(۳) اختصار	۱۷
ٻيو	پوڄاري بادشاه	۲۰
ٽيون	هر آهنگ جادو	۲۵
	(۱) جادوءَ جا اصول	۲۵
	(۲) نسبتي يا نقالي جادو	۲۹
	(۳) قرابتي جادو	۸۶
چوٿون	جادو ۽ مذهب	۱۱۳
پنجون	آب هوا متان جادوءَ وسيلي ضابطو ...	۱۴۱
	(۱) پيلڪ جادوگر	۱۴۱
	(۲) جادوءَ ذريعي مينهن تي ضابطو ...	۱۴۶
	(۳) جادوءَ ذريعي سج تي قبضو ...	۱۸۰
	(۴) جادوءَ ذريعي هوا تي قبضو ...	۱۸۵
ڇهون	جادوگر- بادشاه	۱۹۳
ستون	ديوتا روپ انسان	۲۱۵
اٺون	فطرت جا محڪماتي بادشاه	۲۴۷
نائون	وڻ جي پوڄا	۲۵۴
	(۱) وڻ جا ارواح	۲۵۴
	(۲) وڻ جي روحن جا مفيد اختيارات ...	۲۷۲
ڏهون	جديد يورپ ۾ وڻ جي پوڄا جا آثار ...	۲۷۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يارهون	نباتات ٿي جنس جو اثر	۳۱۴
بارهون	مقدس شادي	۳۲۴
	(۱) دائما آبادي جي ديوي جي حيثيت ۾	۳۲۴
	(۲) ديوتائن جي شادي	۳۲۹
تيرهون	روم ۾ آلبا جا بادشاه	۳۴۰
	(۱) نوما ۽ ايگيريا	۳۴۰
	(۲) بادشاهه جيوپيٽر ديوتا جي حيثيت ۾ ...	۳۴۳
چوڏهون	قديم لاطينين ۾ بادشاهي ورثو	۳۵۲
پندرهون	شاه بلوط جي پوڄا	۳۶۸
سورهون	ڊائنس ۽ ڊائنا	۳۷۵
سترهون	بادشاهي جو بار	۳۹۰
	(۱) بادشاهن ۽ پوڄارين ٿي بندشون ...	۳۹۰
	(۲) روحاني اقتدار ۽ دنيوي اقتدار جي تعريف	۴۰۸
ارڙهون	روح کي خطرا	۴۱۵
	(۱) روح نيڙي ماڻهوءَ جي صورت ۾ ...	۴۱۵
	(۲) روح جي غير حاضري ۽ واپسي ...	۴۱۹
	(۳) روح هڪ پاڇي ۽ عڪس جي صورت ۾ ...	۴۴۳
اوڻيهون	جهل يا روڪ ـ ڪن جي حالت ۾ ...	۴۵۵
	(۱) اجنبين سان ڳالهائڻ بولهائڻ ٿي روڪ ...	۴۵۵
	(۲) ڪائڻ ۽ پيئڻ ٿي بندش	۴۶۴
	(۳) منهن ڏيکارڻ ٿي بندش	۴۶۷
	(۴) گهر ڇڏڻ ٿي بندش	۴۶۸
	(۵) ڪاڏي جي اوبر ڇڏڻ ٿي بندش ...	۴۷۰
ويهون	جهل يا روڪ ـ ماڻهن جي حالت ۾ ...	۴۷۵
	(۱) بادشاهن ۽ سردارن ٿي پابندي ...	۴۷۵
	(۲) ماڻهن کان پرهيز	۴۸۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) حيض ۽ ويم وارين زالن تي بندش ... ۴۸۸
(۴) جنگي جوڏن تي بندش ۴۹۴
(۵) قاتلن تي بندش ۴۹۸
(۶) شڪارين ۽ مهاڻن تي بندش ... ۵۱۱
ايڪيهون جهل يا روڪ۔ شين جي حالت ۽ ... ۵۲۷
(۱) "جهل" يا "روڪ" جي معني ... ۵۲۷
(۲) لوه جي استعمال تي بندش ... ۵۲۸
(۳) تيز هٿيارن تي بندش ۵۳۵
(۴) رت تي بندش ۵۳۷
(۵) مٽي تي بندش ۵۴۴
(۶) وارن تي بندش ۵۴۷
(۷) وارن ڪوڙڻ جون رسمون ... ۵۵۰
(۸) وڏيل وارن ۽ ننهن جو نيڪال ... ۵۵۲
(۹) ٽڪ اچلائڻ تي بندش ۵۶۰
(۱۰) ڪن ڪاڻن تي بندش ۵۶۲
(۱۱) چلن ۽ ڪنڊين تي بندش ... ۵۶۳
باويهون ممنوع الفاظ ۵۷۷
(۱) شخصي نالن ڪٽڻ تي بندش ... ۵۷۷
(۲) عزيزن جي نالن ڪٽڻ تي بندش ... ۵۸۸
(۳) مئل ماڻهن جي نالن وڻڻ تي بندش ... ۵۹۴
(۴) بادشاهن ۽ مقدس شخصن جي نالن
وڻڻ تي بندش ۶۰۶
(۵) ديوتائن جي نالن ڪٽڻ تي بندش ... ۶۱۲
ٽيويهون وحشي ۽ جا اسان تي احسان ۶۱۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد پهريون —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

ٻيلي جو بادشاهه

۱۔ **دائنا ۽ وربيئس:** الليءَ ۽ آلبن ٽکرين جي سرسبز ۽ شاداب جبلائقي جي هڪ گهاٽي ٻيلي ۾، قدرتي نظارن سان پرپور ۽ ٻيالي وانگر گول، هڪ قدرتي ڏنڊ آهي، جنهن کي قديم زماني جا ماڻهو "دائنا جي آرسي" سڏيندا هئا. آلبن ٽکرين جي سبز لاهين جي گهيري ۾ ٻيل ان ڏنڊ جي ماڻي پاڻيءَ جو جنهن ۾ نظارو ڏٺو هوندو، تنهن کان اهو وسرڻ جو نه آهي. اڄ ۾ ان جي ڪنارن تي جيڪي ٻه ٽيڪ اطالوي گهوٽ ٻڌل آهن، سي ۽ انهن جي قريب وچين صدين ۾ ٺهيل ڪنهن اطالوي سردار جو محلات، هن پرسڪون ماحول ۾ خلل انداز ڪونه ٿي سگهيا آهن. ائين معلوم ٿي رهيو آهي ته انهيءَ ويران ۽ سنسان ساحل تي دائناديوي بذات خود موجود آهي، يا ٻيلي جي گنجان ۽ بي ترتيب وڻن ۾ اڃا ۽ ان جي روح جو واسو آهي.

قديم زماني ۾ هيءَ سرزمين عجيب و غريب ۽ بار بار وقوع پذير ٿيندڙ هڪ المناڪ واقعي جي جاءِ واردات ٿيندي رهي. ڏنڊ جي اترئين ڪناري وٽ، انهن پهاڙين جي بلڪل هيٺان، جن تي موجوده زماني ۾ نيميءَ جو گهوٽ ٻيل آهي، دائنانيمورينس يا "ٻيلي واريءَ دائنا" جو مقدس ٻيلو ۽ آستانو هو، انهيءَ ڏنڊ ۽ ٻيلي کي ڪڏهن ڪڏهن اٿريشيا جي ڏنڊ ۽ ٻيلو سڏيو ويندو هو، پر اٿريشيا جو شهر (جديد رڪسيم) اتان ڪان اٽڪل ٽي ميل ڏور، آلبن جبل جي دامن ۾ واقع هو، جنهن کي ڏنڊ ڪان هڪ اونهيءَ لاهيءَ جدا ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ مقدس ٻيلي ۾ هڪ وڻ ٻيل هو، جنهن جي چوڌاري ڏينهن جي ڪنهن ٻ وقت ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد رات جو ديرِ تائين بہ، گنہير ۽ خطرناڪ صورت وارو هڪ انسان هرطرف نوسيندو نظر ايندو هو. هٿ ۾ اگهاڙي تلوار هوندي هيس ۽ هو پنهنجي اردگرد اهڙيءَ خبرداريءَ سان نظرون ڊوڙائيندو رهندو هو، جڏ تہ ڪيس ڪنهن بہ وقت دشمن جي ناگاه حملي جو ڊپ هو. اهو شخص پوڄاري بہ هو ۽ قاتل بہ هو، ۽ هو جنهن ماڻهوءَ جي تلاش ۾ مصروف رهندو هو، سو اڳي يا پوءِ، ڪيس قتل ڪري، سندس جاءِ تي پوڄاريءَ جي عهدي ماڻڻ وارو هو. ٻيلي جو اهوئي قانون هو: پوڄاريءَ جي عهدي جو اميدوار وقت جي پوڄاريءَ کي:قتل ڪرڻ کان پوءِ ئي انهيءَ منصب تي پهچي سگهندو هو، ۽ ان کي قتل ڪرڻ کان پوءِ، انهيءَ عهدي تي تيسين فائز رهندو هو، جيسين هو پاڻ کان زياده طاقتور يا زياده حرفتي اميدوار جي هٿان قتل ٿئي.

انهيءَ عهديَ سان گڏ، جو هو اهڙي خطرناڪ شرط تي ماڻيندو هو، ڪيس "بادشاه" جو خطاب بہ ملندو هو، ۽ يقيناً ڪنهن حقيقي تاجدار جي نند بہ اهڙي حرام ڪاريَ ئي هوندي، جهڙي هن "ٻيلي جي بادشاه" جي هوندي هئي؛ ڇو تہ سال بسال، تتيءَ توڙي ڏڏيءَ، طوفان ۽ برسات ۾، ڪيس تن تنها سپ ڪان وڌيڪ پنهنجي پاسباني ڪرڻي پوندي هئي؛ جان کي جوکي ۽ وجهڻ کان سواءِ هو ڪٿي سر ڪوڙي، ڪڏهن نند ڪاريَ ڪري سگهندو هو، هڪ گهڙيءَ جي غفلت، ڪمزوري يا ٻي ڪا، اهڙي قوت مدافعت ۾ ڪوتاهي، ڪيس خطري ۾ ٻهتلا ڪري ڇڏيندي هئي؛ سفيد وار تہ سندس موت جي پرواني ئي سُهر جو ڪر ڪندا هٿا. نيڪدل ۽ نرم سياءَ وارن زائرين جي نظرن ۾، جي ديويءَ جي مقدس آستاني جي زيارت لاءِ اتي ايندا هٿا، ظاهر آهي تہ هن جو وحشي ۽ خطرناڪ حليو آس پاس واري خوبصورت ۽ سن موهيندڙ نظاري ۾ اهڙو اونداهو ڏسڻ ۾ ايندو هوندو، جهڙو هڪڙو پٽڪندڙ ڪڪر، جو ڏينهن جو چمڪندڙ ۽ روشن سج جي آڏو هڪ سياه داغ معلوم ٿيندو آهي. اطالوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسمان جي نيلي رنگ، گرم موسم ۽ پيلي جي ڏڻيءَ چانوڻ، ۽ آس ۽ چمڪندڙ سمنڊ جي سونهري لهرن جي وچ ۾، اهڙيءَ سخت ۽ خطرناڪ صورت وارو اهو انسان ٺهندو ئي ڪونہ هوندو، موسم خزان جي ڪنهن ٻيانڪ رات جو، جڏهن لاتعداد سڪل پن وڻن مان چٽندا رهندا آهن، ۽ سوسائ ڪندڙ هوا ختم ٿيندڙ سال جي پوين پساهن جو مرثيو گائيندي رهندي آهي، تڏهن اهو نظارو ڏسڻ سان ايندڙ ڪنهن مسافر تي جيئن ڏسڻ ۽ آيو هوندو، تنهن جي تصور ڪرڻ سان هڪ عجيب تصوير اکين آڏو اچيو ٿي وڃي ـ طوفاني آسمان، اوندهو ٻيلو، زوردار هوا ۽ وڻن جي شاخن جي 'سان سان'، هيٺ زمين تي سڪل ۽ مرده پنن جي سرسراهٽ، دور سمنڊ جي ساحل تي ڏڏي پاڻيءَ جي طوفاني لهرن جي ٽڦ ٽڦ، ۽ اڳيان، ڪڏهن ڦڪيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ۽ ڪڏهن گهاٽن وڻن جي ساڃي ۾، هيڏانهن هوڏانهن ڦرندڙ گهرندڙ هڪ خطرناڪ صورت، جنهن جي ڪلهي تي رکيل تلوار جي فولاد مان، چانڊوڪيءَ مان لنگهڻ وقت، تيز چمڪاٽ نڪرندا ٿي رهيا ـ بيشڪ هيءَ هڪ ٻيانڪ ۽ پوائتي تصوير آهي.

ڄاڻنا ديويءَ جي پوجارين جي انهيءَ عجيب "قانون" جو قديم زماني جي ڏند ڪٿائن مان ڪوبہ اهڙو متوازي مثال نٿو ملي، جنهن جي مدد سان ان کي سمجهي سگهجي، ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اڃا ب پوئتي وڃڻو پوندو. ان ڪان ته ڪوبہ انڪار ڪونہ ڪري سگهندو ته انهيءَ رسم مان وحشي دور جي بوءَ اڃي رهي آهي، اها ساڳي رسم، جا روسي شهنشاهن جي دور حڪومت تائين زنده رهندي آئي، ان دور جي مهذب اطالوي معاشري ۾ ائين نمايان ٻيڻي آهي، جيئن ڪنهن خوبصورت چمن جي وچ ۾ ڪو اڻ گهڙيل، بي ڊولو پٿر ٻيڻل هجي. درحقيقت انهيءَ رسم جي وحشت ۽ بي ڊنگائيءَ ۾ ئي، ان کي چگيءَ طرح سمجهڻ جو ڪجهہ آسرو آهي. موجوده دور ۾ انساني تاريخ جي تحقيقات مان انساني جدوجهد جي اها يڪانگت ۽ يڪسانيت ثابت ٿي چڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن سان انساني دماغ، سواءَ ڪن ٿورن سطحي تفاوتن جي، فلسفو، حيات جي ابتدائي اڻ گهڙيل نظريي جي تڪميل ڪئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسين اهو ڏيکاري سگهون ته نيميءَ جي پوڄارڻ جهڙي وحشي رسم ڪنهن ٻئي هنڌ ۽ وجود ۾ هئي، جيڪڏهن انهن مقصدن کي گولي ڪيو ون، جن جي ڪري اها وجود ۾ آئي، جي اهو ثابت ڪري سگهون ته اهي مقصد ڪنهن زياده ڪشادي دائري ۾، يا شايد سڄيءَ دنيا ۾ انساني معاشري ۾ هڪ ئي وقت ڪاربند هئا ۽ جن مختلف حالات ۾ جدا گانه رواجن ۽ رسمن کي وجود بخشيو، جن جي تفصيلن ۾ فرق هو، پر جي عام طور هڪ جهڙيون هيون، ۽ سڀ ڪان وڌيڪ جيڪڏهن اهو ڏيکاري سگهون ته اهي ساڳيا مقصد ۽ انهن مان حاصل ٿيل ريتيون ۽ رسمون اڄا ب زياده قديم زماني ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود هيون، ته پوءِ اهو نتيجو بخوبي ڪڍي سگهون ٿا ته ڪنهن قديم زماني ۾ انهن ساڳين ئي مقصدن جي حصول لاءِ نيمي ٻيلي جي پوڄارين جو ٻڌ اهو سلسلو وجود ۾ آيو هوندو. انهيءَ سلسلي جي جاري ٿيڻ جي اصلي سببن جي سڌين ۽ صاف ثابتين جي عدم موجودگيءَ ۾، اهڙي قسم جو انوسان حقيقت جو درجو ته نٿو رکي سگهي، پر ان جي درست هئڻ جو امڪان اوتري قدر ئي گهٽ يا زياده ٿيندو، جيتري قدر گهٽ يا وڌيڪ درجي ۾ اهو مٿي ذڪر ڪيل صورتن ۽ شرطن سان ٺهڪندو. هن ڪتاب جو مقصد هي آهي ته انهن مٿي بيان ڪيل شرطن جي پوئواري ڪري، جيتري قدر ٿي سگهي، اوتري قدر امڪان جي حد اندر، نيميءَ جي پوڄارين جي انهيءَ سلسلي جي سمجهاڻي پيش ڪجي.

انهيءَ موضوع تي اسان کي جيڪي ٿوريون گهڻيون حقيقتون ۽ ڏند ڪٿائون دستياب ٿي سگهيون آهن، تن جي بيان سان اسين ابتدا ڪريون ٿا. هڪ روايت موجب نيميءَ ۾ ڊائنا جي پوڄا جي شروعات اوريسٽيس نالي هڪ شخص ڪئي، جو ٽارڪ چرسونيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪريميا) جي بادشاهه ٽوآس* ، کي قتل ڪري ، ان جي پٽ سان اتليءَ پڄي آيو ، ۽ اتان تارڪ ڏانڻا جو هڪ مجسمو پٽ ڪاڌين جي لڏ ۾ لڪائي ، پاڻ سان گڏ کڻي آيو . اوريسٽيس جي موت کان پوءِ سندس هڏا اڌيشيا مان کڄي ، روم پهچايا ويا ، جتي انهن کي سٽرن جي مندر جي سامهون ، ڪئپيٽولائين ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي ، ڪنڪارڊ مندر پرسان دفن ڪيو ويو . تارڪ ڏانڻا سان جيڪي خونخوار رسمون وابسته ڪيون ويٺون هيون ، تن جو ڏند ڪٿائن جي مطالعي ڪندڙن کي بخوبي علم آهي : ڇيو وڃي ٿو ته جيڪو به اجنبي انهيءَ ساحل تي وڃي سهڙندو هو ، تنهن کي ديويءَ جي قدمن ۾ قربان ڪيو ويندو هو . پر جڏهن اهي رسمون سندس مجسمي سان گڏ اتليءَ ۾ پهتيون ، تڏهن انهن ڪجهه نرم صورت اختيار ڪئي . نيميءَ جي آستاني ۾ هڪ وڻ بيٺل هو ، جنهن جي ڪنهن به شاخ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه هئي ، سواءِ انهيءَ "غلام" جي جيڪو پنهنجي "آقا" کي چڏي ولي يگهو هجي . انهيءَ ڪوشش ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي حالت ۾ ، ان غلام کي پوجاريءَ سان دوبدو مقابلي ڪرڻ جو حق حاصل ٿيندو هو ، ۽ جيڪڏهن هو ان کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو ، تہ پوءِ هو "ٻيلي جي بادشاهه" (ريڪس نيموريبنس) جو خطاب اختيار ڪري ، اڳئين پوجاريءَ جي بجاءِ اتي حڪومت ڪندو هو . قديم زماني جي ماڻهن جي عام راءِ مطابق ، اها فيصلہ ڪن شاخ اهائي "سونهري شاخ" هئي ، جنهن کي ايئينس ، عالم ارواح جي خطرناڪ سفر اختيار ڪرڻ کان اڳ ، سبل جي حڪم تي ، توڙيو هو . چوندا هٿا تہ غلام جي پاڻ سان اوريسٽيس جي پاڻ جو مقصد هو ، پوجاريءَ سان سندس مقابلو انهن انساني قربانين جي يادگيري تازي رکڻ لاءِ هو ، جي تارڪ ڏانڻا کي پنهنجي ڪيون ويندڙيون هيون . تلوار

* ڏند ڪٿائن ۾ ، ڪريميا جي هڪ قديم بادشاهه جو نالو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زور سان انهيءَ ورڻي حاصل ڪرڻ جي اها رسم، رومي فرمانروائن جي دور حڪومت تائين قائم رهندي آئي، چو ته ڪاليگيولا* جي زود رنج طبيعت ۾ هيءَ عادت به شامل هئي ته جڏهن ڏسندو هو ته نيميءَ جي پوڄاريءَ کي حڪومت ڪندي گهڻو وقت گذري ويو آهي، تڏهن هو ڪنهن زياده طاقتور لفنگي کي پٺسا ڏيئي هن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو هو. هڪ يوناني سياح، جنهن اٺنٽونائينس† جي زماني ۾ الليءَ جو سير ڪيو هو، چوي ٿو ته سندس وقت تائين اهو پوڄاريءَ جو عهدو تلوار جي دوبدو مقابلي ۾ ڪاميابيءَ حاصل ڪرڻ جو ئي انعام سمجهيو ويندو هو.

نيميءَ ۾ ڏائنا جي پوڄا جا ڪي نمايان آثار اڄا به موجود آهن. مڇتائن جي پوري ٿيڻ تي جيڪي قربانيون پيش ڪيون ويندیون هيون، تن جي نشانن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن کي خاص طرح "شڪار جي ديوي" ڪري مڃيو ويندو هو، ۽ ان کان پوءِ ڪيس مردن ۽ عورتن کي اولاد جي نعمت سان نوازيندڙ ۽ آميد وارين مائن جي درد زه ۾ آساني پيدا ڪندڙ ديوي سمجهيو ويندو هو. سندس پوڄا پاڻ ۾ باهم اهر ڪردار ادا ڪندي هئي، چو ته هر سال تيرهين آگسٽ تي، جڏهن سج جي تپش پنهنجي عروج تي هوندي هئي، سندس ميلي تي آستاني اندر ايتريون ته مشعلون ٻاريون ويندیون هيون، جو سامهون واريءَ ڏينهن ۾ به انهن جو عکس پوندو هو. الليءَ جي گوشي گوشي ۾ اهو سڄو ڏينهن گهرن جي چلهين وٽ ڪرياڪرم ۽ پوڄا پاٺ ڪندي گذاريو ويندو هو، ديويءَ جي آستاني جي ايوان مان جيڪي ان جا ننڍڙا ڪنجهي مان ٺهيل مجسما مليا آهن، تن ۾ خود ديويءَ جي مٿي ڪجيل ساڄي هٿ ۾ ٻرندڙ مشعل ڏنل آهي. جن زالن جون دعائون مستجاب ٿيندیون هيون، سي مٽن ۾ گلن جا هار

* روسي شهنشاهن جي سلسلي جو ٽيون بادشاهه (جنم سنه ١٢ ع).
† روسي شهنشاهه جو پنهنجي رحمدليءَ کان مشهور هو (٨٦-١٦١ ع).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃهي ۽ هٽن ۾ هريل مشعلون کڻي، پنهنجين مڃتائن پوري ڪرائڻ لاءِ ديويءَ جي آستاني تي اينديون هيون. ڪنهن نامعلوم شخص، شهنشاه ڪلاڊيئس* ۽ سندس خاندان جي سلامتيءَ خاطر، نيميءَ جي ننڍيءَ مڙهيءَ ۾ هڪ دائمي هرندڙ مشعل پيش ڪئي هئي. مڙهيءَ مان جيڪي ڳاڙهيءَ مٽيءَ جون ڀڳل ٽڪر مشعلون هٿ لڳيون آهن، سي شايد غريب طبقي واري معتقدن جون پيش ڪيل معلوم ٿين ٿيون. جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ (عيسائي مذهب جي) ڪٿولڪ فرقي وارن جي ديولين ۾ مقدس شمعن پيش ڪرڻ جي رسم جي مشابهت واضح ٿي پوي ٿي. ان کان سواءِ، نيميءَ ۾ ڏائنا کي "ويسٽا" جو جيڪو لقب ڏنو ويو هو، تنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سندس آستاني ۾ مقدس باه جو سچ مستقل طور هرندو رهندو هو. مندر جي اتر-اوڀرندي ڪنڊ وٽ ٽن ڏاڪن سان جيڪو گول ٽلهو ٽهيل آهي، جنهن جي فرش تي رنگ برنگي سنگ مرمر جي سرن جا آثار اڃا ۾ نمايان آهن، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ رومن فورم واري ويسٽا جي گول مندر وانگر، ان ٽلهي تي ۾ ڏائنا ("ويسٽا") جو هڪ گول مندر ٻيٽل هو. معلوم ٿئي ٿو تہ اتي مقدس باه جي سچ کي ان ويسٽا ديويءَ جون "پاڪ-ڪنواريون" قائم ۽ دائم رکنديون هيون، ڇو تہ انهيءَ ٻي جاءِ تان ڳاڙهيءَ مٽيءَ جي هڪ مشعل متان ويسٽا جي مٽي جو مجسمو مليو هو، ۽ باه جي سچ جي پوڄا، جنهن کي "پاڪ-ڪنواريون" هميشه ڪارنديون رهنديون هيون، سڄي لاطيني علائقي ۾، اوائلي دور کان وٺي آخرين زماني تائين، عام جام هوندي هئي. ازانسواءِ ديويءَ جي سالياني ميلي تي، شڪاري ڪتن کي تاج پارايا ويندا هئا، ۽ انهن ڏينهن تي، جهنگلي جانورن کي ڪو نہ ستايو ويندو هو. ديويءَ جي احترام لاءِ، نوجوان پاڻ کي پاڪ ڪرڻ جي هڪ رسم ادا ڪندا هئا، شراب خوب واپرايو ويندو هو، ۽

* هن ٽالي سان پهريون رومي شهنشاه (۱۰ ق.م.-۵۴ع)- شهنشاه آگسٽس جي زال جو ڏوهتو هو، جو ننڍي هوندي کان پنگلو هو، ۽ علم و ادب ۽ فنون لطيفہ سان بيحد چاهہ هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعوت ۾ چيلو، ۽ پنن جي ٽالهين تي رکيل گرماگرم روٽيون ۽ تازا چنل صوف، جي ٽارين جي چوڻين وٽ چڱن جي صورت ۾ لٽکيل هوندا هئا، استعمال ڪيا ويندا هئا.

هر نيميءَ جي پيلي ۾ ڏائنا اڪيلي حڪومت ڪاڻ ڪندي هئي. ۽ ننڍيون ديويون ۽ سندس پيلي واري آستاني ۽ ساٿس شريڪ هيون. انهن مان هڪ "ايگيريا" هئي، جنهن کي ڪاري پٿر مان ڦاڙي باهر نڪرندڙ صاف پاڻيءَ جي پري سڏيندا هئا، جيڪو پاڻي خوبصورت آبشارن جي صورت ۾ "لي مول" واريءَ جاءَ تي ڏنڊ ۾ وڃي ڪرندو هو. اهائي جاءَ آهي، جتي نئين نيمي ڦوٽ جون- پاڻيءَ تي هلندڙ ڇڪيون لڳل هيون. پاڻيءَ جي اها نهر پٿرين ميڙان وهندي، جيڪو سريلو آواز ڪندي هئي، تنهن جو ذڪر اووڊ* ۾ ڪيو آهي، ۽ چوي ٿو ته هن پاڻ ڪيترا دفعا ان نهر جو پاڻي پيتو هو. پار واريون زالون ايگيريا کي قربانيون ڏينديون هيون، جو ته ڏائنا وانگر، هن لاءِ به اهو اعتقاد هو ته هوءَ ويم ۾ آساني پيدا ڪندي آهي. هڪ روايت مطابق اها پري ڏاهي بادشاهه، نوما† جي زال يا سينڊي هئي ۽ هوءَ ان ماڻ پاڪ هڙيءَ جي تنهائيءَ ۾ هر صحبت ٿي هئي، نوما رومين کي جيڪو قانون ڏنو، سو انهيءَ پرين ۽ سان هر صحبت ٿيڻ جي برڪت جو نتيجو هو. پلوٽارچ** انهيءَ ڏند ڪٿا جي مشابهت ديوتن جي انهن آکاڻين سان ڪري ٿو، جن ۾ انهن جي فاني انسانن سان عشق جو ذڪر ٿيل آهي، مثلاً سبل ديويءَ ۽ چنڊ ديويءَ جي خوبصورت نوجوانن، اتيس ۽ اينڊيمين، سان

* روم جو هڪ مشهور شاعر، جو رومي شهنشاهه آگسٽس سنه(٦٣ق.م-١٧ع) جي دور حڪومت ۾ رهندو هو.

† رومي ڏند ڪٿائن ۾، بادشاهن جي سلسلي ۾ پيو بادشاهه، جو خاموش طبيعت وارو هو، ۽ ٤٣ سال تائين حڪومت ڪيائين.

** رومي مصنف، جو پنهنجي نثري تاريخي تحريرن ڪاڻ مشهور آهي- (٥٠ع ڪان ١٠٠ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت. ڪن جو وڏي خيال آهي تہ انهن عاشقن جي ميلاپ جي جاءِ ٽيمي جي پيلي ۽ نہ، ۽ روم ۽ پورٽا ڪئپينا ڏکري وٺ هئي، جتي ايگيريا جو هڪ ٻيو پاڪ چشمو هڪ اونداهي غار مان ڦٽي ٻاهر نڪتو هو. ويستا جي مندر کي ڏوئڻ لاءِ روم جون "پاڪ ڪنواريون" انهيءَ چشمي مان روزانو مٽيءَ جي دلن ۾ ٻاڦي پري، نڪن تي ڪٽي ويندڙيون هيون. جوونال* جي زماني ۾ قدرتي پٿرائين پٽ مٿان سنگ مرمر جو فرش لڳايو ويو هو، ۽ انهيءَ پاڪ ۽ صاف جاءِ تي غريب يهوديڻ جا ٻولا، جن کي خانہ بدوش پينن وانگر هڙيءَ ۽ پلٽي ماري ويٺو پوندو هو، پٺهنجي گدلائيءَ سان "گندو ۽ ناپاڪ" ڪندا رهندا هئا. اسان سمجهون ٿا تہ جيڪو چشمو ٽيميءَ جي ڏاڪڻ ۽ ڪرندو هو، سوئي سچو ۽ اصلي ايگيريا جو چشمو هو، ۽ جڏهن آلبن ڪرين تان اوائلي آباد ڪندڙن جا گروه هيٺ اچي ٽائبر درياه جي ڪناري تي لٽا، تڏهن اهي ان پريءَ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي آيا ۽ هن لاءِ دروازن کان ٻاهر پيلي ۽ هڪ نئون گهر تجويز ڪيائون. انهيءَ پاڪ آستاني جي حدن اندر، غسل ڪرڻ جي گهاڻن جا آثار ۽ جدا جدا انساني عضون جا همشڪل ڳاڙهيءَ مٽيءَ مان ٺهيل جيڪي جيڪي نمونا مليا آهن، سي ٻئي ڳڙ جي اها شاهدي ڏين ٿا تہ ايگيريا جو پاڻي بيمارن کي شفايابي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، جي وري پنهنجي خواهشن يا احسانمندين جي اظهار ڪرڻ لاءِ پنهنجي بيمار عضون جا نمونا ڳاڙهي مٽيءَ مان ٺاهي ديويءَ جي آڏو پيٽا طور رکندا هئا، اها رسم اڄ تائين يورپ جي ڪيترن علائقن ۾ مروج آهي. هتي ايترو ڄاڻائي ضروري آهي تہ انهيءَ چشمي جي پاڻيءَ ۾ جيئن اڳي تيئن اڄ تائين به قدرتي طور طبي خصلتون موجود آهن.

ٽيميءَ ۾ ٻيو نڍو ديوتا "وربيئس" هو. هڪ روايت مطابق،

* ٻهرين صدي عيسويءَ جو هڪ رومي شاعر، طنزيه تحريرن ڪان مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وريئس اهوسا ڪيو خوبصورت، پاڪ ۽ نوجوان يوناني سورمو، هيولائيٽس، هو، جنهن چيرون نالي نيم-انسان ۽ نيم-گهوڙي کان تيراندازيءَ جو هنر سکيو هو ۽ جو پنهنجو سڄو وقت آرٽيمس نالي ڪنواريءَ شڪارڻ ديويءَ سان ساون ٻيلن ۾ شڪار ڪندي گذاريندو هو. ديويءَ جي صحبت تي مغرور ٿي، هن فاني عورتن جي محبت کي نفرت جي نگاه سان ڏٺو ۽ اهائي ڳالهه سندس موت جو باعث بڻي. "انفروڊائيٽ" کي جو هن جي انهيءَ نفرت کان ٺهيان لڳي، سو هن سندس مائٽيءَ ماءُ فائيڊرا جي دل ۾ پٽ لاءِ ناپاڪ محبت جي باهه ٻرڪائي، ۽ جڏهن پٽس سندس ناپاڪ ارادن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ۽ پنهنجيءَ دستوري حقارت جو اظهار ڪيو، تڏهن هن پٽس، ٿيسيس، جي روبرو مٿس ڪوڙو بهتان لڳايو. ٿيسيس ان الزام تي ولي ڪنڊ ڏني ۽ انهيءَ بيعزتيءَ جي بدلي ونڻ لاءِ، هن وڃي پنهنجي آقا، پوسيڊان، کي عرض ڪيو. سو، جيئن هيولائيٽس پنهنجي رٿ ۾ سارونڪ نار جي ڪناري تي سير ڪري رهيو هو، تيئن سمنڊ جي انهيءَ ديوتا پوسيڊان، غير معمولي طاقتور ۽ عجيب و غريب صورت واري هڪ ڏڪي کي لهرين مان باهر موڪليو، جنهن کي ڏسندي ئي ڊنل گهوڙن ولي ٽاهر کاڌو ۽ هيولائيٽس کي رٿ سان هيٺ ڪيرائي، ڪيس گهليندي گهليندي پنهنجن طاقتور سنبن هيڻان چيٿاڑي قيمو ڪري ڇڏيو. ۽ ڊائنا، هيولائيٽس جي محبت صدقي، ديوتائن جي ويد، ايسڪيولاپيس، کي سندس خوبصورت ۽ نوجوان عاشق کي پنهنجن جڙين پوڻين سان وري زنده ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. جيوپيٽر، جنهن کي موت جي دروازن وٽان هڪ فاني انسان جي واپس اچڻ تي سخت ڪاوڙ لڳي، تنهن وري انهيءَ گستاخ ويد، ايسڪيولاپيس، کي ٻي ڪٽي هڪدم واصل جهنم ڪيو. ڊائنا پوءِ پنهنجي محبوب کي، ديوتا جي غضب کان بچائڻ لاءِ، هڪ گهاٽي ڪڪر ۾ ڪٽي لڪايو ۽ هن جي عمر ۾ ڪيترن سالن جو اضافو آڻي، سندس روپ بدلائي ڇڏيو. ۽ ان ڪان پوءِ هن کي دور نيميءَ جي وادين ۾، ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي، جتي وريئس جي نالي سان، اطالوي پيلي جي گهاڻين اونداهين ۾، نامعلوم ۽ تنها زندگي گذارڻ لاءِ ڪيس ايگيريا پريءَ جي سپرد ڪيائين. هن اتي بادشاه ٿي حڪومت ڪئي ۽ ڏائنا جي نالي هڪ آستانو قائم ڪيو. پوءِ هن کي وريئس نالي هڪ خوبصورت پٽ ڄائو، جو پنهنجي پيءُ جي انجام کان بي نياز ٿي، جوشيلن گهوڙن تي سوار ٿي، ايئينس ۽ ٽروجنس جي خلاف جنگ جوئي لاءِ لاطينين سان وڃي شريڪ ٿيو. وريئس کي، نه فقط نيميءَ ۾ هر ڀين هنڌ ۾، ديوتا ڪري پوڄيو ويندو هو، اسان ڏٺو آهي ته ڪئمپينيا ۾ هڪ خاص پوڄاري سندس پوڄا ڪرائيندو هو. اٽريشيا واري آستاني ۾ گهوڙن کي داخل ٿيڻ جي اجازت کان هوندي هئي، چوته گهوڙن ئي هپولائيٽس کي ماريو هو. سندس مورتيءَ کي هٽ لائڻ ناجائز سمجهيو ويندو هو. ڪن جو اهو رايو هو ته هو سورج ديوتا هو. "پر حقيقت هيءَ آهي،" سرويئس* چوي ٿو، "ته ان ديوتا جو واسطو ڏائنا سان آهي— بلڪل انهيءَ نموني سان، جيئن اتيس جو ديوتائن جي ماءُ سان، ايرڪٽونيس جو سنروا سان ۽ ائڊونس جو وينس سان واسطو آهي." انهيءَ واسطي جي نوعيت ڪهڙي هئي، تنهن کي اسين اڃتي هلي ڏسون ٿا. هتي هڪ هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته پنهنجيءَ ڏکيءَ، پرخطر ۽ عجيب و غريب واقعن سان پريل زندگيءَ ۾، ڏندڪٿائن جي هيءَ شخصيت، ملڪان ملڪ مختلف روپن ۾ مري مري وري پٽي زنده ٿي آهي: مثال طور، ان ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي ته رومي ڪئلينڈر وارو سينٽ هيولائيٽس جنهن کي تيرهين آگسٽ تي، جو ڏائنا جو ڏينهن آهي، گهوڙن گهايندي گهليندي پنهنجي سنبن هيان چيتاڙي ماري وڌو، سا ڪٿي نالي واري يوناني سوريي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه آهي، جيڪو هڪ گنهگار بت پرست جي حيثيت ۾ به دفعا مرڻ کان پوءِ،

* ورجل (ناسياري روسي شاعر) جو همعصر، هن لاءِ ٻي ڪا خاص خبر ڪانه ٿي پڄي سگهي، سواءِ ان جي جيڪا سندس تحريرن ۾ جاڻايل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش قسمتيءَ سان انهيءَ عيسائي اوليا جي صورت ۾ ڏيون دفعو زنده ڏيو آهي!

اسين سمجهون ٿا ته هتي هن ڳالهه جي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي ته نيميءَ ۾ ڏاڻنا جي پوڄا جي سبب دريافت ڪرڻ لاءِ جيڪي مٿيون ڳالهيون ٻڌايون ويئون آهن، سي تاريخي حيثيت جون ڪين آهن. صاف ظاهر آهي ته اهي ڏند ڪٿائن جي انهيءَ مجموعي مواد سان واسطو رکن ٿيون، جي ڪنهن مذهبي رسم جي بنياد سمجهائڻ لاءِ ٻڌايون ويندڙون آهن، ۽ جن جو بنياد ڪنهن ملڪي يا غيرملڪي رسم سان حقيقي يا خيالي مشابهت کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هوندو آهي. نيميءَ واريون ڏند ڪٿائن جو هڪ ٻئي کان اختلاف ۽ علحدگي صاف ظاهر آهي، جو ته انهيءَ پوڄا جو بنياد ان جي مختلف حصن ۽ صورتن کي سمجهائڻ جي ضرورت مطابق، ڪڏهن اوريسٽيس ته ڪڏهن هپولائيٽس سان ملايو ويو آهي. اهڙين ڳالهين جو اصلي فائدو هي آهي ته اهي هڪ اهڙي اشاري، نشان يا مثال جو ڪم ڏين ٿيون، جنهن جي پنهنجي نوعيت کي سمجهي ڪري، خود پوڄا جي نوعيت سمجهي سگهجي ٿي. ازانسواءِ اهي اڃ سڌي طرح اهو ثابت ڪن ٿيون ته خود سندن اصلي بنياد ڏند ڪٿائن واري قديم زماني جي ڏنڊ ۾ گم آهي، ۽ ان حقيقت جي روشنيءَ ۾ وري هي ثابت ٿئي ٿو ته مختلف قسم جي پوڄا پاٺ ۽ ڪريا ڪرم جو بنياد به اوڙوئي قديم آهي. زير غور حالت ۾ ايترو سو چٽي سگهجي ٿو ته نيميءَ واريون ڏند ڪٿائون، انهيءَ "تاريخي" روايت کان زياده مستند معلوم ٿين ٿيون، جنهن لاءِ ڪيترڪ* خاطري ڏني آهي ته اهو پاڻ آستانو ڏاڻنا جي نالي ۾ ايگيريس بائيبس نالي هڪ شخص يا ٽسڪيولم واري لاٽيوويس، جو هڪ لاطيني ڊڪٽيٽر هيو، ٽسڪيولم، اٽريشيا، لانويم،

* فوجي ڪارنامن ڪان مشهور، هڪ رومي مورخ، ۲۳۴ ق م ۾ جائو ۽ اٽليءَ ۾ هئنيبال جي حملي وقت، هڪ جرنيل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لارينٽم، کورل، ٽائبر پوميشيا ۽ آردِيا جي باشندن طرفان ارپڻ ڪيو هو. اها روايت بهرحال آستاني جي تمام وڏيءَ عمر جي ثابتي فراهم ڪري ٿي، ڇو ته ان جو واسطو ۴۹۰ سال قبل مسيح واري زماني سان وڃي ٿو لڳي، جنهن سال پوميشيا تي رومين حملو ڪيو هو ۽ جنهن کان پوءِ تاريخ مان ان جو نالو نشان غائب ٿي وڃي ٿو. پر اسان کي يقين نه ٿو اچي ته اٽريشيا جي پادرين جي سلسلي جهڙو هيءَ وحشي قانون، لاطيني شهرن جي مهذب رهواسين جي ڪنهن جماعت پنهنجي مڪان جاڻي ٻجهي مسلط ڪيو هوندو. ان جي عوض اهو خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو سلسلو ڪين اڻي زماني کان وٺي ورثي ۾ ملندو آيو هوندو، جو انساني حافظي جي دائري کان ٻاهر آهي ۽ جڏهن اڻلي اڃا ڪنهن اڻي وحشي دور مان گذري رهي هوندي، جنهن جي تاريخ مان ڪا به خبر ڪانه ٿي ملي. هڪ ٻي روايت جنهن ۾ وري انهيءَ آستاني جو بنياد وجهندڙ هڪ مينيس ايگيريس کي ٻڌايو ويو آهي، پهرينءَ روايت کي تقويت ڏيڻ بدران، ان کي وڌيڪ ڪمزور ڪري رهي آهي. "انهيءَ شخص سان هڪ هي پهاڪو وابسته ڪيو ويو آهي ته "اٽريشيا ۾ ڪي ٿي مينائي آهن". ڪي ماڻهو انهيءَ پهاڪي جي هيءَ سمجهاڻي ڏيندا هئا ته مينيس ايگيريس هڪ وڏي ۽ ٽامياري خاندان جو بزرگ هو، پين جو وري اهو خيال هو ته ان جو مطلب هيءَ هو ته اٽريشيا ۾ گهٽيئي بدصورت ۽ بدسرشت ماڻهو هئا. هڪ رومي هجو لکندڙ، مينيس جو لفظ خاص طور انهن فقيرن لاءِ استعمال ڪيو آهي، جيڪي اٽريشيا جي لاهين ٽي زيارتين کان خيرات پنهنجي لاءِ انتظار ۾ ويٺا هوندا هئا. راين جا اهي اختلاف، ۽ اٽريشيا واري مينيس ايگيريس، ٽسڪيولم واري ايگيريس لائيويس جي ٽالن جي مشابهت ۽ انهن پنهنجي ٽالن جي وري ڏند ڪٿائن واريءَ ايگيريا ديويءَ جي نالي سان مشابهت، اسان جي شڪ کي جاڪائڻ لاءِ ڪافي آهن. ان هوندي ۾ "ڪينٽو" جي روايت ايتري قدر ته هڪ ٺوس تاريخي واقعي سان ڳڙي پيش ڪئي ويئي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان جو مصنف ايتري قدر تہ معزز آهي، جو اسان ان کي هڪ بيڪار ۽ من گھڙت ڳالهہ جو درجو ڏيئي، پنهنجي نظرانداز ۾ تہ ڏاکري سگھون. اسان کي ائين سمجھڻ گھرجي تہ اها روايت اوائلي دور ۾ آستاني جي دوباره قائم ٿيڻ، يا ان جي مرمت ڪرڻ جي ڪنهن واقعي جو حوالو ڏيئي رهي آهي، جنهن واقعي جو واسطو ممڪن آهي تہ انهن رياستن جي قائم ٿيل وفاق سان ٿي هجي. بهرحال، ان روايت مان هن ڳالهہ جي شهادت ملي رهي آهي تہ اهو ٻيلو ۽ آستانو جيڪڏهن لاطيني وفاق جي سيني رياستن جو نہ، تہ ٻ ملڪ جي ڪن تمام قديم شهرن جو عام عبادت گاه ضرور هو.

۲- **آرٽيمس ۽ هيپولائيٽس**: اسان چيو آهي تہ اوريسٽيس ۽ هيپولائيٽس جون ائريشيا واريون ڏند ڪٿائون، جيتوڻيڪ تاريخي نقطہ نگاه کان بيڪار آهن، تہ ٻ اهي اسان لاءِ هن حد تائين ضرور ڪارگر آهن تہ اهي ٻين آستانن جي ڏند ڪٿائن ۽ پوڄائن سان نيميءَ واري پوڄا جي مشابهت ڏيکاري، اسان لاءِ ان کي بهتر نموني ۾ سمجھڻ آسان بنائي ڇڏين ٿيون. اسان کي البت هڪ هي سوال پڇڻ گھرجي تہ انهن ڏند ڪٿائن جي مصنفن، وريئس ۽ "ٻيلي جي بادشاه" جي سمجھاڻي ڏيڻ لاءِ، اوريسٽيس ۽ هيپولائيٽس جو حوالو ڇو ڏنو؟ اوريسٽيس جي حالت ۾ جواب صاف ظاهر آهي. ائريشيا جي پوجارين جي خونخوار ۽ قاتلاڻ طريقي ۽ سلسلي کي قابل فهم ڪرڻ خاطر، اوريسٽيس ۽ ٽارڪ ڊائنا جي مجسمي کي، جنهن جي پياس فقط انساني رت سان ئي ڏڏي ٿيندي هئي، گھلي وچ ۾ آندو ويو. باقي هيپولائيٽس جي حالت ۾، سندن مقصد سمجھڻ ايترو آسان ڪونہ آهي. سندس آستاني مان گھوڙن جي بيدخليءَ جي حقيقت کي هن جي موت جي طريقي مان سمجھي سگھجي ٿو، ۽ فقط اها ڳالهہ، پنهنجي ليکي، هن جي سچائپ لاءِ ڪافي ڪانہ آهي. ان ڪري اسان کي اڃا زياده اونهو وڃي، هيپولائيٽس جي پوڄا، ڏند ڪٿا ۽ روايت جي تحقيقات ڪرڻي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيولائيڊس جو مشهور آستانو سندس اباڻي وطن ٽروزين ۾، زمين جي وچ ۾ ڦاڻل الهيءَ اپسمنڊ جي ڪناري تي هو، جتي نارنگين ۽ ليمن جي وڻن جي جهرمٽ مان سرو جا ڊگها وڻ هيسپيرائيڊس جي باغن جي ڪنارن ۽ اوچن منارن وانگر مٿي اڀري، غير آباد جبلن جي دامن ۾ آباد ۽ سرسبز ساحل جي ٽوري ٽڪري کي هن وقت ڏکيو بيٺا آهن. مالي اپسمنڊ جي نيلي پاڻيءَ جي هڻن ٻار، جو ان کي ڪليل سمنڊ جي حملن کان بچائي ٻيٽو آهي، پوسيڊان جو پاڪ پٽ آهي، جنهن جون چوٽيون چنار جي وڻن جي گهاٽيءَ ساوڪ سان ڏکيون پيون آهن. الهيءَ خوبصورت ساحل تي، هيولائيڊس جي پوڄا ٿيندي هئي. سندس آستاني جي اندر، هڪ پراڻو مندر هو، جنهن ۾ قديم زماني جي هڪ مورتي رکيل هئي. سندس پوڄا لاءِ هڪ پادري مقرر ٿيل هو، جو سڄيءَ عمر تائين اهو ڌندو سنياليندو هو: هرسال ان جي اعزاز ۾ قرباني جو هڪ ڏڻ ملهايو ويندو هو، هرسال اتان جون ڪنواريون چوڪريون گڏ ٿي روڄ راڙو ۽ مرثيه-خواني ڪري، هن نوجوان شهيد جي بي-وقتي موت تي افسوس ۽ ماتم ڪنديون هيون. ڪنواريون چوڪريون ۽ نوجوان چوڪرا شاديءَ کان اڳ سندس مندر ۾ وارن جون چڱون پيش ڪندا هئا. سندس قبر ٽروزين ۾ موجود هئي، حالانڪ اها ماڻهن کي ڪاڙ ڏيکاري ويندي هئي. ان باري ۾ هڪ نهايت معقول راءِ ڏني ويئي آهي ته آرٽيمس جي هن نوجوان ۽ خوبصورت محبوب جو مثال، جنهن جي جواني کي موت اڌ ۾ ويڙي ڇڏيو ۽ جنهن جي الهيءَ افسوسناڪ ۽ اڻ منداڻتي موت تي ڪنواريون چوڪريون هرسال ماتم ڪن ٿيون، لافاني ديوين جي انهن فاني محبوبن مان هڪ آهي، جي قديم مذهب ۾ بار بار ۽ هر هنڌ رونما ٿيندا رهن ٿا ۽ جن ۾ ائڊونس سڀني کان زياده مقبول ۽ هردلعزيز آهي. جيو وجي ٿو ته هيولائيڊس جي محبت ماڻڻ لاءِ آرٽيمس ۽ فائيڊرا جي رقابت جو عڪس، مختلف نالن سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائبونس جي محبت لاء ائفروڊائيٽ ۽ پروسرپائين جي ڏاڙيل رقابت ۾ ملي ٿو، جو ته فائيڊرا رڳو ائفروڊائيٽ جو ٻيو تالو آهي. انهيءَ نظريي سبب، نه هپولائيٽس سان گڏ ئي انصافي ٿي رهي آهي ۽ نه آرٽيمس سان، جو ته اوائلي اعتقاد موجب آرٽيمس آباديءَ جي عظيم ديوي هئي، ۽ قديم مذهب جي اصولن مطابق، جيڪا ديوي قدرت کي آباد ڪرڻ ۽ سائو ڪري سگهي ٿي، تنهن کي اول خود آباد ۽ سائو هئڻ گهرجي. ان لاءِ ڪيس هڪ نر سائيءَ جي اشد ضرورت هئي. انهيءَ نظريي موجب، ٽروزين ۾، هپولائيٽس آرٽيمس جو نر سائي هو. ٽروزين جا نوجوان ۽ ڪنواريون چوڪريون شاديءَ کان پيشتر پنهنجن وارن جون چڱون ان ڪري ڪيس پيش ڪندا هئا ته ديويءَ سان سندس سنڊ زياده مضبوط ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح ڏرتيءَ، جانورن ۽ انسانن جي آباديءَ ۾ اضافو ٿيندو رهي. انهيءَ نظريي جي تصديق وري هن سان ٿي ٿئي ته ٽروزين ۾، هپولائيٽس جي سندر جي خاطي اندر، "ڊاميا" ۽ "آڪسيزيا" نالي ٻن ديوين جي پوڄا ٿيندي هئي، جن جو زمين جي آباديءَ سان واسطو ثابت ٿيل آهي. ايپيڊارس شهر ۾ جڏهن ڏڪار اچي منهن ڪڍيو، تڏهن اتان جي شهرواسين هڪ غيبي آواز جي حڪم ٻڌائندر، انهن ٻنهي ديوين جا مجسما زيتون جي ٻاڪ ڪاٺيءَ مان ٺيار ڪرائي، اڃا پنهنجن مقرر جاين تي رکيا ئي مس هئا، ته زمين وري سرسبز ۽ آباد ٿي وئي. ازانسواءِ خود ٽروزين ۾، گهٽو ڪري هپولائيٽس جي مندر اندر انهن ٻنهي "ڪنوارين ديوين" (ٽروزين جا هاڻنڌا انهن کي ائين سڏيندا هئا) جي اعزاز ۾ پڻ اچلائڻ جي عجيب و غريب رسم ادا ڪئي ويندي هئي، هن باري ۾ اهو ثابت ڪرڻ آسان آهي ته ڪن فصلن حاصل ڪرڻ جي خاطر، ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جون رسمون ڪيترن ئي ملڪن ۾ هڪ ته پئي دور ۾ ادا ڪيون ويٽون آهن. نوجوان هپولائيٽس جي افسوسناڪ موت ۾ انسان کي اهڙي قسم جي ٻين خوبصورت ۽ فالي نوجوانن جي گالهين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشابهت ۾ ملي ٿي، جن کنهن لافاني ديويءَ جي محبت جي مختصر مزي ماڻڻ لاءِ پنهنجي سر جو سودو ڪيو آهي. اهي ناڪام عاشق شايد هميشه فقط ڏند ڪٿائن جا هيرو ڪونہ هئا، ۽ جن روايتن ۾ سندن وهايل رت جو نشان لال جي سرخيءَ يا گلاب جي لالائيءَ ۾ ڏنو ويندو هو، سي فقط جواني ۽ خوبصورتيءَ جون شاعراڻ بيڪار علامتون ڪونہ هيون، جن جي زندگي سياري جي جهڙ وانگر ناپائدار هجي. انهن روايتن ۾ انساني ۽ قدرتي زندگين جي رشتي جو عميق فلسفو سمايل آهي — اهو افسوسناڪ فلسفو، جنهن بعد ۾ هڪ اندوهناڪ رسم جو بنياد وڌو. اهو فلسفو ۽ اها رسم ڪهڙي هئي، تنهن جي اسان کي اڃڪتي هلي خبر پوندي.

۳ـ **اختصار:** اسين هينئر شايد سمجهي سگهنداسون تہ قديم زماني جا ماڻهو آرٽيمس جي نر-سائيءَ هيولائيٽس کي وريئس چو سمجهندا هئا، جنهن جو، سرويئس مطابق، ڏاڻنا سان اهوئي رشتو هو، جيڪو ائڊونس جو وينس سان هو، يا اتيس جو ديوتائن جي ماءُ سان هو. چو تہ آرٽيمس وانگر ڏاڻنا ۾ عام طور آبادي ۽ جي ديوي هئي — خاص طور وبر جي. ان ڪري، ڪيس، يوناني ديويءَ وانگر، پئي روپ ڏيڻ نر سائيءَ جي ضرورت هئي، ۽ جيڪڏهن سرويئس صحيح آهي تہ پوءِ هن جو نر-سائي وريئس هو. پاڪ آستاني جي بنياد وجهندڙ ۽ نيميءَ جي پهرئين بادشاه جي حيثيت ۾، وريئس صاف طور انهن پوجارين جي سلسلي جو بنياد وجهندڙ، يا ابو آهي، جي "پيلي جي بادشاه" جي لقب سان ڏاڻنا جي خدمت ڪندا هئا، ۽ جي، هن وانگر، هڪ پئي، قاتل جي هٿان مرندا هئا. ان ڪري اهو انومان ڪيڏو هڪ قدرتي امر آهي تہ اهي پيلي جي ديويءَ سان انهيءَ ساڻئي رشتي ۾ منسلڪ هئا، جنهن ۾ هن سان وريئس بدل هو، مختصر طور هيئن ڪٽي چڪجي تہ پيلي جي فاني بادشاه جي راڻي پاڪ آستاني واري خود ڏاڻنا هئي. جيڪڏهن اهو مقدس وڻ، جنهن جي هو پنهنجي ساهہ سان حفاظت ڪندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديويءَ جو خاص نشان، يا ان جي علامت هئي، جئن هين ممڪن آهي، تہ پوءِ سندس پوڄاري ان کي نہ فقط ديوي ڪري پوڄيندو هو، پر ان کي زال سمجهي، ان سان بغلگير ٿيندو هو، هن ڀالهہ ۾ ڪابہ حماقت ڪانہ هئي، ڇو تہ پلتيءَ جي وقت ۾ ٻ، هڪ رومي سردار، آلبن ٽڪرين تي، ڊائنا جي هڪ ٻئي پاڪ پيلي ۾، هڪ خوبصورت وڻ سان ائين ڪندو هو، هو ان سان بغلگير ٿيندو هو، ان کي پيار ڏيندو هو، ان جي سايي ۾ ليٽندو هو ۽ ان جي ڇاڻ ۾ شراب اوتيندو هو، ظاهر آهي تہ هو ان وڻ کي ديوي سمجهندو هو، مردن ۽ عورتن کي جسماني طور وڻن سان شادي ڪرائڻ جي رسم اڄا تائين هندستان ۽ مشرق جي ٻين علاقن ۾ موجود آهي، پوءِ اها قديم لاطيني علاقن ۾ ڇو نہ مروج هوندي؟

انهن سڀني شهادتن ۽ ثابتين تي مجموعي طور غور ڪرڻ سان اسين اهو فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ نيميءَ جي پاڪ پيلي ۾ ڊائنا جي پوڄا زبردست اهميت واري ۽ انساني حافظي جي دائري کان ڪنهن ڏورانهين دور جي آهي، ڪيس پيلن ۽ جهنگلي جانورن ۽ ممڪن آهي تہ ڀالتو ڇوپائين جانورن ۽ زمين جي پيداوار جي ديويءَ جي حيثيت ۾ پوڄيو ويندو هو، ڪيس مردن ۽ عورتن کي اولاد جي نعمت سان نوازيندڙ ۽ زالن جي ويم ۾ آساني پيدا ڪندڙ ديوي سمجهيو ويندو هو، مندر جي حاطي اندر سندس گول ۽ مقدس آتشدان کي "پاڪ ڪنواريون" ڇوڪريون هميشہ زنده رکنديون رهنديون هيون، ساٿس ايگيريا نالي پائيءَ جي هڪ ٻري وابستہ هئي، جا ڊائنا جي فرضن مان هڪ فرض، يعني عورتن جي درد زہ ۾ آساني پيدا ڪرڻ جو فرض، سرانجام ڪندي هئي ۽ جنهن کي عام طرح هڪ قديم رومي بادشاه سان پاڪ پيلي اندر هم صحبت ٿيڻ جو ذميدار سمجهيو ويندو هو، پيلي واريءَ ڊائنا کي خود به وربيئس نالي هڪ نر ساٿي هو، جنهن جو هن سان اهو ساڳيو رشتو هو، جو ائڊونس جو وينس سان هو، يا اتيس جو سبل سان، ۽ تاريخي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾، انهيءَ روايتي وريءَ جي نمائندگي پوڄارين جو هڪ ڏڳهو سلسلو ڪندو رهيو، جي "پيلي جي بادشاه" جي لقب سان مشهور هوندا هئا ۽ جي بنا ناغي جي پنهنجن جانشينن جي تلوار سان قتل ٿيندا رهيا ۽ جن جون زندگيون، هڪ طرح سان، پيلي جي هڪ وڻ سان وابسته هونديون هيون، چاڪاڻ ته جيستائين ان وڻ کي ڪو ضرر ڪوءَ پهچندو هو، تيستائين هو حملي کان محفوظ هوندا هئا.

ظاهر آهي ته پوڄارين جي انهيءَ عجيب و غريب سلسلي کي سمجهائڻ لاءِ مٿيان فيصلا ناڪافي آهن، پر شايد زياده ويڪري ۽ دور رس دائري تي نظر وجهڻ سان اسان کي انهن ۾ انهيءَ مسئلي جي حل جو ڪجهه موجود نظر اچي. اچو ته پلا انهيءَ دور رس دائري تي نظر ڪرڻ جي تياري ڪريون. رستو ڏڳهو ۽ ڪٺن آهي، پر امڪان آهي ته ان ۾ اسان کي ڪنهن نئين ۽ نامعلوم شيءِ کولڻ لاءِ اختيار ڪيل سفر واري دلچسپي ۽ مزو ملي وڃي، جنهن جي دوران ۾ اسان ڪيئي عجيب و غريب ۽ اجنبي ديس ڏسنداسون، جن ۾ عجيب نموني جا پرڏيهي وسندا هوندا ۽ جن جون اڃا به زياده عجيب ريتيون ۽ رسمون هونديون. سڙهن ۾ سڀاڻو واءُ پريو ٻيڙو آهي، اچو ته پلا سڙهه کوليون ۽ الليءَ جي ساحل کي ڪجهه وقت لاءِ خير باد چئون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيو

پوڄاري بادشاه

مٿين گالهين مان ٻ اهم سوال جواب طلب آهن: هڪ تہ ڏائنا جي نيميءَ واري پوڄاريءَ ۽ "ٻيلي جي بادشاه" لاءِ پنهنجي پيشرو کي قتل ڪرڻ ضروري ڇو هو؟ ۽ ٻيو ان کي قتل ڪرڻ کان اڳ ڪيس هڪ خاص وڻ جي شاخ، جنهن کي قديم زماني جي عام راءِ ورجل* واريءَ "سونهري شاخ" سان شناخت ڪيو هو، ڇو ٽوڙڻي پوندي هئي؟

سڀ کان اول اسان کي هن جي لقب تي غور ڪرڻو آهي. هن کي "ٻيلي جو بادشاه" ڇو سڏيو ويندو هو؟ سندس عهدي کي "بادشاهي" ڇو سڏيو ويندو هو؟

قديم يونان ۽ اٽليءَ ۾ شاهي لقب سان گڏ پادريءَ يا پوڄاريءَ جا فرض ٻ ڪٺا هوندا هئا. روم ۽ لاطيني علائقي جي ٻين شهرن ۾ هڪ اهڙو پادري رهندو هو، جنهن کي "قربانين" يا پاڪ رسمن جو بادشاه" سڏيو ويندو هو، ۽ سندس بيگم کي "پاڪ رسمن جي راڻي" جو خطاب مليل هو. جمهوري دور واريءَ ايٿنس ۾ هر ٻئي سال جيڪو مئجسٽريٽ چونڊيو ويندو هو، تنهن کي "بادشاه" ۽ سندس اهليه کي "راڻي" سڏيو ويندو هو. ٻنهي جا فرض مذهبي نوعيت جا هوندا هئا. يونان جي کيترين ٻين جمهوري رياستن ۾ ٻن اهڙي ئي خطاب وارا "بادشاه" هوندا هئا، جن جا فرض، جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي، پوڄارين جا هوندا هئا، جيتوڻيڪ اهي رياست جي مشترڪ سماجي يا

* ٢٩ آڪٽوبر ٤٠ ق.م. ۾ جائو ۽ ٨١ سال زنده رهيو، روسي شاعرن جو سرتاج ليکيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيوي زندگيءَ ۾ پڻ ڪافي اثر ۽ دخل رکندا هئا. ڪن يوناني رياستن ۾ اهڙا ڪيترا خطاب يافتہ "بادشاه" هوندا هئا، جي فقط انهيءَ هڪڙي ئي عهدي تي فائز هوندا هئا. روم ۾ اڻا روايت مشهور هئي تہ مذهبي "بادشاهن" کي شهنشاهي نظام حڪومت جي خاتمي کان پوءِ ان لاءِ مقرر ڪيو ويو تہ جيڪي مذهبي رسمون وقت جي شهنشاه کي ادا ڪرڻيون هونديون هيون، سي اهي "بادشاه" ادا ڪن. يونان ۾ به اهڙن "پوڄاري بادشاهن" جي بنياد متعلق ساڳيو ئي نظريو قائم ٿيل معلوم ٿئي ٿو. بذات خود اهو رايو امڪان جي حد کان ٻاهر نہ ٿو معلوم ٿئي، هيءَ حقيقت اسپارٹا جي مثال مان ـ جا هڪ ئي خالص يوناني رياست هئي، جنهن تاريخي دور ۾ پراڻو سلطاني حڪومت جو سرشتو قائم رکيو ـ ثابت ٿئي رهي آهي: ڇو تہ اسپارٹا جي بادشاهن کي، ديوتائن جي اولاد جي حيثيت ۾، حڪومت پاران سيئي قربانيون ادا ڪرڻيون پونديون هيون. اسپارٹا جي ٻن بادشاهن مان هڪ کي "زيوس ليس ڊائمان" جي پادريءَ جو ۽ ٻئي کي "آسماني زيوس" جي پادريءَ جو خطاب مليل هو.

شاهي اختيار سان مذهبي رسمن جي ادائگيءَ جي ميلاپ جي هڪ ٻين کي خبر آهي. مثال طور ايشيا ڪوچڪ هڪ اهڙو ملڪ هو، جنهن ۾ ڪيترائي وڏا مذهبي مرڪز هئا، جن ۾ هزارين "مقدس غلام" موجود هئا ۽ جن تي وڇين صدين جي روم واري پاپاءِ اعظم وانگر، اهڙا سردار حڪومت ڪندا هئا، جي هڪ ئي وقت روحاني ۽ دنيوي اختيارين هلائيندا هئا. زيلا ۽ پيسينس جا شهر اهڙن پوڄارين سان پريا پيا هوندا هئا. بت پرستيءَ واري قديم زماني ۾، ٽيوٽانڪ (جرمنيءَ جا) بادشاه ۽ اهڙيءَ طرح پوڄارين جون اختياريون هلائيندا هئا. چين جا شهنشاه عام قربانيون ڪندا هئا ۽ انهن قربانين متعلق پورو طريقو ۽ ان جا تفصيل پراڻن مذهبي رسمن جي ڪتابن ۾ بيان معلوم ڪندا هئا. مڊاگاسڪر جو بادشاه پنهنجي ملڪ جو مذهبي پيشوا ۽ هوندو هو. ڪيترن سال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ميلي تي جڏهن ملڪ جي بهبودي۽ لاءِ ڏڪو قربان ڪرڻو پوندو هو، تڏهن بادشاه بنفس نفيس قرباني۽ وقت دعائون پڙهندو ۽ شڪرانا ادا ڪندو هو ۽ سندس خدمتگار ڏڪي ڪي ذبح ڪندا هئا. اوپر آفريڪا جي "گالا" قوم جي ڪن ننڍين رياستن ۾، جي هن وقت تائين آزاد رهي سگهيون آهن، بادشاه جبل جي چوٽي۽ تي قرباني ڏيندا آهن ۽ انساني پل جي خود رهنمائي ڪندا آهن. روايتن جي وسائل روشنائي۽ مان معلوم ٿئي ٿو ته وچ آمريڪا جي انهي۽ خوشنما علاقي ۾ ٻ، جنهن جي قديم دارالخلافه هن وقت خط استوا جي گهاٽن ٻيلن جي سڙيل پوٽن ۽ پنن هيٺان دفن ٿيل آهي ۽ جا پٿلينڪ مقام جي شاهاٽن ۽ پراسرار قتل نشانن مان ظاهر آهي، روحاني ۽ دنيوي اختيارين کي بلڪل ساڳئي نموني سان ملايو ويو هو ۽ پوجاري۽ ۽ بادشاه جا فرض ساڳئي ماڻهو۽ کي ادا ڪرڻا پوندا هئا.

اسان جڏهن ايترو چئون ٿا ته قديم بادشاه پوجاري ٻ هوندا هئا، تڏهن اڃين نه سمجهڻ گهرجي ته انهن جي مذهبي منصب جي پوري دائري جو مڪمل جائزو ڪري چڪيوسون. بادشاه جي وجود جي چوگرد جيڪو خدائي سايو (ظل‌الله) موجود سمجهيو ويندو آهي، سو انهن ڏينهن ۾ فقط گالهائڻ جو خالي طريقو ڪونه هو، پر هڪ مضبوط اعتقاد جو اظهار هو. بادشاهن جو احترام نه فقط پوجارين جي حيثيت ـ يعني انسان ۽ ديوتا جي درميان شفاعت ڪندڙ جي حيثيت ـ ۾ ڪيو ويندو هو، پر انهن کي خود ديوتا سمجهيو ويندو هو، جي پنهنجي رعايا ۽ بندن تي اهڙين نعمتن جي نوازش ڪري سگهندا هئا، جي رواجي طرح هڪ فاني انسان جي قوت ۽ دسترس کان بلڪل ٻاهر هونديون آهن ۽ جيڪڏهن فاني انسان اهڙي۽ قوت جي جستجو ڪندا ٻ آهن ته فقط فوق‌البشر ۽ غائب هستين کي قربانيون ڏيڻ ۽ انهن جي عبادت ڪرڻ سان. اهڙي۽ طرح بادشاهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اها اميد ٻ زکي ويندي آهي ته هو فصلن کي پلي ڪرڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن لاءِ موسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابق، برسات ۾ سڄ جي گرمي پهچائيندا رهندا. اهڙي اميد اسان کي هاڻي کٽي ڪيتري قدر ۾ عجيب معلوم ٿئي، پر اوائلي دور ۾ اهڙا عقيدا عام جام هوندا هئا. فطري ۽ فوق‌الفطري قوتن جي درميان جيڪو فرق عام طرح سان زياده ترقي يافته قومن جا ماڻهو ڪري سگهن ٿا، سو هڪ وحشيءَ جي دماغ ۾ اچي ئي نٿو سگهي. هن جي خيال موجب هن دنيا جو ڪاروبار، گهٽيءَ حد تائين اهڙين فوق‌الفطري قوتون، يعني اهڙين شخصي هستيون هلائي رهيون آهن، جي خود ان وانگر جذبن ۽ ارادن کان متاثر ٿين ٿيون ۽ جن جي رحم ۽ قهر، اميد ۽ خوف جي جذبن کي متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. اهڙن خيالن تي ٻڌل دنيا ۾، قدرت جي نظام کي پنهنجي فائدي خاطر متاثر ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ۾ بي انتها قوت محسوس ڪري ٿو. هو سمجهي ٿو ته پوڄائن، وعدن يا ڏمڪين سان هو ديوتائن کان سڀي آب هوا ۽ پلا ۽ پربور فصل حاصل ڪري سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن سندس دماغ ۾ اهڙو خيال اچي ويئو ته ديوتا منجهس ئي اچي واسو ڪيو آهي، جڏن هو ڪن وقتن تي سمجهندو رهيو آهي، ته پوءِ ڪيس ڪنهن بيءَ اعليٰ اختياريءَ کي منٽ ميڙ ڪرڻ جي ضرورت ئي کائن رهي. اهڙيءَ حالت ۾ وحشي انهن سڀني طاقتن جو مالڪ پاڻ آهي، جي سندس ۽ سندس قوم وارن جي پلائيءَ ۽ بهتريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن.

ديوتائي طاقتون ۽ خصلتون رکندڙ انسان يعني 'انسان-ديوتا' (*Man-God*) جي نظريي جي وجود ۾ اچڻ جو هڪ اهو رستو آهي، پر ان جو هڪ ٻيو به سبب آهي: وحشيءَ جي انهيءَ نظريي سان گڏ، ته هن دنيا تي ڪي روحاني طاقتون حاوي آهن، سندس دماغ ۾ هڪ مختلف، ۽ شايد اڄا زياده قديم، خيال سمايل آهي، جنهن ۾ اسان کي جديد دور جي قانون قدرت يا قدرت جي هن نظريي جو اصل بيج يا بنياد نظر اچي ٿو ته قدرت حادثن ۽ واقعن جو هڪ اهڙو ناقابل تبديل ۽ اٽڪ سلسلو آهي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪنهن به شخصيت جو دخل ڪونہ آهي؛ جنهن بنياد ۾ ڇڄ سون ذڪر ڪيو آهي، سو جادوءَ جي انهيءَ قسم ۾ سمايل آهي، جنهن کي آءٌ هوند "هم آهنگ" جادو، سڏيان، جو وهمي اعتقادن ۽ نظرين جي دنيا ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. اوائلي معاشري ۾، بادشاه گهڻو ڪري پوڄاري هئڻ سان گڏ جادوگر به هوندو هو، درحقيقت اڇي يا ڪاري جادوءَ جي مهارت ڪري ٿي هو انهيءَ دنيوي طاقت جو مالڪ ٿي سگهيو. بادشاهي سرشتي جي ارتقا ۽ انهيءَ تقدس کي چگيءَ طرح سمجهڻ لاءِ، جنهن سان وحشين ۽ جهنگلي قومن انهيءَ عهدي کي وابستہ ڪيو هو، ۽ انهيءَ غير معمولي ۽ خالص وهم تي ٻڌل قديم سرشتي جي نوعيت متعلق ڪنهن نظريي قائم ڪرڻ لاءِ، جنهن هر ملڪ ۽ هر دور ۾ انساني دل و دماغ کي پنهنجي قابوءَ ۾ رکيو آهي، جادوءَ جي اوائلي ۽ بنيادي اصولن سان واقفيت حاصل ڪرڻ ضروري آهي. ان کري آءٌ پهريان ان موضوع تي ڪجهہ تفصيلوار غور ڪرڻ گهران ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

هر آهنگ جادو

۱. **جادوءَ جا اصول:** انساني فڪر جي جن اصولن تي جادوءَ جو بنياد ٻڌل آهي، تن جي تجزيي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اهي ٻن حصن ۾ ورهايل آهن: هڪ، ته نقل سان اصل پيدا ڪري سگهجي ٿو، يا نتيجو پنهنجي سبب سان مشابهت رکي ٿو، ۽ ٻيو، ته جيڪي شيون ڪنهن به وقت هڪٻئي سان وابسته هيون، سي اڻ تعلق جي منقطع ٿيڻ کان پوءِ، دور کان به هڪٻئي تي ساڳيءَ طرح اثر انداز ٿين ٿيون، جيئن گڏ هڻڻ وقت ٿيندڙ هيوڻ، پهرئين اصول کي "هڪجهڙائيءَ جو اصول"، ۽ پوئين کي "لاڳاپي يا قرابت جو اصول" ڪٿي چئجي. انهن مان پهرئين، يعني هڪجهڙائيءَ جي اصول ذريعي جادوگر اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته هو ڪنهن به چيز جي محض نقل ڪرڻ سان گهربل اثر پيدا ڪري سگهي ٿو، پوئين مان هو اهو نتيجو اخذ ڪري ٿو ته هو ڪنهن به مادي شيءَ تي، جا ڪنهن وقت ماڻهوءَ جي جسم سان لڳل هئي، خواه اها ان جي جسم جو ڪو حصو هئي يا نه، جيڪو به عمل ڪندو سو عمل ان ماڻهوءَ تي به اهڙوئي اثرانداز ٿيندو. هڪجهڙائيءَ جي قانون تي ٻڌايل جنترن کي نسبتي يا نقالي جادو چئجي، قرابت يا لاڳاپي جي قانون تي ٺاهيل جنترن کي قرابتي چئجي. جادوءَ جي پهرينءَ شاخ کي نسبتي جادوءَ جو نالو ڏيڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو، ڇو ته 'نقالي' لفظ مان وڃ ۾ ڪنهن شعوري طاقت جي دخل‌انداز ٿيڻ جو ڪو واضح اشارو نه ٻڌلي (جا نقل ڪري ٿي)، ته به ان لفظ جي استعمال سان مفهوم جو دائرو محدود ٿي پوي ٿو. ڇو ته جن اصولن تي جادوگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هنر جو استعمال ڪري ٿو، تن جي متعلق هن کي يقين ڪامل آهي ته خالص اهي ئي اصول ٻيجان قدرت جي نظام کي هلائي رهيا آهن، پين لفظن ۾، هن کي پختو يقين آهي ته هڪجهڙائي ۽ قرابت جا اصول هڪ هم گير ۽ عالمي اثر رکن ٿا ۽ اهي فقط انساني عمل جي دائري تائين محدود ڪونه آهن. مختصر لفظن ۾ هيئن ڪٿي چئجي ته جادو قانون قدرت جو هڪ جعلي نقل ۽ انساني عمل جو هڪ گمراهه ڪندڙ راهبر آهي، اهو هڪ ڪوڙي سائنس ۽ هڪ نامڪمل ۽ ناقص هنر آهي. ان کي جڏهن هڪ قانون قدرت: يعني اهڙن قانونن جو مجموعو سمجهجي، جن لاءِ وسهجي ته سچي ۽ دنيا جا واقعا باقاعدگي ۽ سان انهن مطابق ئي ظاهر ٿين ٿا، ته اهڙي فلسفي کي "نظرياتي جادو" سڏيو ۽ جڏهن جادوءَ کي محض انهن اصولن جو مجموعو سمجهجي، جن تي عمل ڪرڻ سان وسهجي ته ماڻهو پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا، ته پوءِ اُن کي "عملي جادو" چئبو. ساڳئي وقت هي ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اوائلي جادوگر جادوءَ کي فقط عملي جادوءَ جي حيثيت ۾ شناخت ڪري ٿو، هو انهن ڏاڍي رجحانات جو ڪڏهن به تجزيو ڪونه ٿو ڪري، جن تي سندس عمل جو دارومدار آهي، ۽ نه وري انهن نظرياتي يا خيالي اصولن تي ڪو غور ڪري ٿو جن جي مطابق هو عمل ڪري ٿو. پين لفظن ۾، هو جادوءَ جي منطق کان بلڪل ناواقف آهي، گويا هن لاءِ جادو پنهنجو منطق پاڻ آهي. جادوءَ جي منطق تي هو اوتروئي سوچي ٿو، جيترو پنهنجي ڪاڏي هنر ٻين جي عمل تي: ڪيئن اها خبر ڪانه ٿي رهي ته پهرين حالت ۾ يعني جادوءَ جي دائري ۾ ڪهڙو دماغي رد عمل ٿئي ٿو، ۽ پوئين ۾ يعني هاضمي جي عمل ۾ ڪهڙيون جسماني تبديليون رونما ٿين، سندس انهن ڪي رت ۾ تبديل ڪن ٿيون. ٽوري ۾ ڪٿي چئجي ته هن جي نظر ۾ جادو هميشه هڪ "هنر" رهيو آهي ۽ نه "سائنس" ۽ سندس اڻ-اسريل دماغ ۾ سائنس جي نظرين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود ٿي ڪونهي. جادوگر جي خيالات جي انهيءَ سلسلي ۾ جو سراغ گولي ڪيڏي، جنهن جي تحت سندس عمل روڪيا ٿين ٿا، ۽ جن جي خيالن جي منجهيل سٽ ۾ بيان ۾ چار سڌا سادا ڏاڪا چڪي باهر ڪيڏي، سندس نظرياتي اصولن کي هن جي عملي تڪنيڪ کان ميڙ ڪرڻ ۽ انهيءَ حرامزادي هنر ۾ ٻڌل پوشيده ناقص سائنس جي شناخت ڪرڻ، اهو فلسفي جي طالبعلم جو ڪم آهي.

جادوگر جي منطق جو جيڪو موڙ تجزيو ڪيو آهي، سو جيڪڏهن درست آهي، ته پوءِ ان جا بيان ڪيل ٻه وڏا اصول فقط "خيالن جي اشتراڪ" جي بنيادي حقيقت جا ٻه جدا جدا غلط استعمال آهن ــ ان کان علاوه سندن ٻي ڪا به حقيقت ڪانهي. نسبتي جادوءَ جو بنياد خيالن جي انهيءَ اشتراڪ تي ٻڌل آهي، جيڪو خيالن جي هڪجهڙائيءَ مان پيدا ٿئي ٿو، قرابتي جادوءَ جو بنياد ورجي خيالن جي انهيءَ اشتراڪ تي ٻڌل آهي، جيڪو خيالن جي قرابت مان پيدا ٿئي ٿي. نسبتي جادو اها غلطي ڪري ٿو ته جيڪي شيون ظاهري طور هڪجهڙيون ڏسي ٿو، تن کي بنا چون چرا جي ڪنهن ساڳيون تسليم ڪري ٿو، قرابتي جادوءَ جي ورجي هيءَ غلطي آهي ته اهو جن شين کي ڪنهن وقت هڪٻئي جي لهوڇڙ ۾ ڏسي ٿو، تن کي هميشه لاءِ هڪٻئي تي ساڳيءَ ئي طرح اثر انداز ٿيندڙ تسليم ڪري ٿو. جادوءَ جي عملي ميدان ۾ جادوءَ جي انهن ٻنهي شاخن کي گهٽو ڪري ملايو ويندو آهي، ان ڪالهه کي زياده واضح ڪرڻ لاءِ هيٺ ڪٽي ڇڄي ته نسبتي يا نقالي جادوءَ جو آزادانه ۽ ٻنهنجي سر استعمال ڪري سگهجي ٿو، ۽ قرابتي جادوءَ جي استعمال ۾ عام طور نسبتي يا نقالي جادوءَ کي به ٻنهنجو ڪجهه حصو ادا ڪرڻو پوندو آهي. ممڪن آهي ته جادوءَ جي ان قسمن شين کي اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ سان، مفهوم کي ذهن نشين ڪرڻ البت دشوار لڳي، ۽ جڏهن انهن جا مخصوص مثال ڏنا ويندا، تڏهن ٿي ڪالهيون آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندينون. درحقيقت، فڪر جون اهي ٻئي شاخون انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهل ۽ ابتدائي نوعيت جون آهن. ان کان علاوه انهن جي پي کا نوعيت ٽي ٻ ٿئي سگهي، پر نہ فقط هڪ وحشيءَ جي اڻ گهڙيل دماغ لاءِ، پر هر ملڪ جي جاهل ۽ ڪند ذهن ماڻهن لاءِ، اهي عملي صورت ۾ ئي قابل فهم آهن ۽ نہ نظرياتي صورت ۾. جادوءَ جون اهي ٻئي شاخون ـ نسبتي ۽ قرابتي ـ هم آهنگ جادوءَ جي هڪ عام نالي ڏيڻ سان، آساني سان سمجهه ۾ اچي ويندیون، چو ٿہ ٻئي شاخون اها گهالهه تسليم ڪن ٿيون تہ مختلف شيون هڪٻئي کان دور هٽڻ جي باوجود، ڪنهن خفيہ هم آهنگيءَ ذريعي هڪٻئي تي اثر پيدا ڪن ٿيون، ۽ اهو اثر هڪ کان پيءَ تائين ڪويا هڪ قسم جي غيبي "ايٿر" وسيلي پهچي ٿو ـ جديد سائنس جي بلڪل انهيءَ ساڳيءَ ايٿر (*Ether*) وانگر، جنهن جو ڪارج ۾ اهوئي جادوءَ جي غيبي "ايٿر" وارو ساڳيو ٻڌايو وڃي ٿو تہ فضا ۾ ڪجهه فاصلي کان پوءِ جيتوڻيڪ محض هڪ خلا ئي معلوم ٿئي ٿي، تڏهن ٻ ان خلا جي چوڌاري بيئل طبعياتي شيون ان فرض ڪيل ايٿر (*Ether*) وسيلي هڪٻئي تي اثر انداز ٿيندیون رهن ٿيون.

جادوءَ جون اهي شاخون فڪر جي جن جن قانونن تي بيئل آهن، انهن مطابق ڪين هيٺ ڏيکاريل نموني جي شجري جي صورت ۾ رکڻ سان آساني پيدا ٿيندي.

هم آهنگ جادو

(هم آهنگيءَ جو قانون)

نسبتي جادو	قرابتي جادو
(نسبت يا ڪجڙائيءَ جو قانون)	(قرابت يا لاڳاپي جو قانون)

هم آهنگ جادوءَ جي انهن ٻن وڏين شاخن کي آءٌ هينئر عملي مثال ڏيئي سمجهائيندس، اچو تہ پهرين نسبتي جادوءَ کي کڻون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲ نسبتي يا نقالي جادو: هڪجهڙيون شيون هڪجهڙو اثر پيدا ڪن ٿيون. انهيءَ اصول کي دنيا جي مختلف ملڪن ۽ مختلف دورن ۾ دشمن جي بوتي کي نقصان پهچائڻ يا ناس ڪرڻ، خود دشمن کي اهڙي ئي ضرر پهچائڻ، يا مارڻ لاءِ سڀ کان زياده استعمال ڪيو ويو آهي. اهو استعمال هن اعتقاد جي تحت ڪيو ويو آهي ته جهڙي تڪليف بوتي کي پهچائبي، اهائي واسطيدار ماڻهوءَ کي پهچندي. ۽ جنهن وقت بوتي کي ناس ڪيو ويندو، بلڪل ان وقت اهو ماڻهو پاڻ به ناس ٿي ويندو. اهڙن متعلد مثالن مان چند ڏيڻي هڪ ئي وقت ثابت ڪيو ويندو ته ڪيئن ته اهو رواج دنيا جي مختلف حصن ۾ موجود آهي، ۽ ڪيئن نه اهو هزارها صدين مان گذرندو اڄ تائين زنده رهندو آيو آهي. چوٿ هزارين سال اڳ اهو هنر مصر، بابل، هندستان، روم، يونان جي جادوگرن کي ايندو هو، ۽ اڄ به آسٽريليا، آفريڪا ۽ اسڪاٽلنڊ جا چالاڪ ۽ بدڻيت جادوگر ان جو استعمال ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح، جيو وڇي ٿو ته اتر آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين جو اعتقاد آهي ته ريڇ، رڪ يا مڇيءَ ۾ دشمن جي تصوير ڪيڻي، يا ڪنهن به شيءَ کي دشمن تصور ڪرڻ، ان کي تيز ڪائيءَ سان، يا ٻئي ڪنهن ذريعي زخم رسائي، دشمن کي ساڳيو ئي زخم پهچائي سگهبو. مثال طور اوجبوي قبيلي جو ريڊ انڊين جڏهن به ڪنهن سان بزائي ڪرڻ چاهيندو آهي، تڏهن هو ان جو ننڍڙو مجسمو ناهي، ان جي مغز يا دل ۾ سئي ڏنبي، يا تير هڻي. مطمئن ٿي ويهيءَ رهندو آهي ته جنهن به جاءِ تي بوتي کي سئي يا تير ڇيندو، عين ان وقت سندس دشمن کي ساڳئي ئي عضوي ۾ سخت سور پوڻ شروع ٿيندو. ۽ جيڪڏهن هو ان ماڻهوءَ کي فوراً مارڻ چاهيندو آهي، ته هو آن بوتي کي، جادوءَ جا ڪي لفظ ادا ڪندي، وڇي ڪٽي دفن ڪندو، يا ساڙيندو آهي. ٻيروءَ جا ٽيڊ انڊين قبائل، جن دشمنن سان نفرت ڪندا هئا، يا جن کان ڊجندا هئا، تن جا ميڻ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الي مان بوتا ٿاهي، انهن کي اهڙن رستن تي ساڙيندا هئا، جتان انهن دشمنن جي گذر جو امکان هوندو هو. ان کي هو "دشمن جو روح ساڙڻ" سڏيندا هئا.

ملايا وارا ساڪيو جادو هن طرح ڪندا آهن: جنهن دشمن کي نقصان پهچائڻ جو ارادو هوندو اٿن، تنهن جي جسم جا وڏيل ننهن، پرن جا وار، ٽڪ وغيره کٽي، ماکيءَ جي مکين جي ويران ٽيل ساناري جي مين مان هڪ ننڍڙو بوتو تيار ڪري، اهي سڀ شيون، ان بوتي جي واسطيدار عضون ۾ هڻي، دشمن جو مڪمل بت ٺاهيندا آهن، پوءِ ان بت کي ستن راتين تائين بتيءَ مٿان جهلي، ان کي آهستي آهستي تؤ ڏيندي، هيٺيون منتر پڙهندا رهندا آهن:

"مين ٺاهي، جنهن کي مان جلايان ٿو، فلاڻي پٽ
فلاڻيَ جي تيري، دل ۽ جيرو آهي، جنهن کي
مان جلايان ٿو."

ستين دفعي کان پوءِ، بوتي کي ساڙي چڏيو: اوهان جو دشمن بيمار ٿيو هوندو. ظاهر آهي ته هن جادوءَ ۾، نسبتي ۽ تراڀتي جادوءَ جي اصولن جو ميلاپ ٿيل آهي، جو ته بت کي دشمن جي هر شڪل بڻائي، ان ۾ اهڙيون شيون لڪايون ويندين آهن، جي ڪنهن وقت ان سان لاڳاپو رکندڙ هيون، جهڙوڪ ننهن، وار ۽ ٽڪ. ملايا وارن جو هڪ بيو جادو، جو اوجيبوي ريڊ انڊين قبيلي جي مٿي ذڪر ڪيل جادوءَ سان اڃا به زياده مشابهت کائي ٿو، سو هي آهي: ماکيءَ جي مکين جي خالي ساناري جي مين مان هڪ پير جيترو بوتو ٺاهي، ان جي اک ۾ سوئي ٽنبڻ سان دشمن انڊو ۽ پيٽ ۾ ٽنبڻ سان بيمار ٿيندو، مٿي ۾ هڻڻ سان مٿي ۾ سور ۽ ڇاتيءَ ۾ هڻڻ سان سيني ۾ سور پوندس، مارڻ مقصود هجي ته بوتي کي اونڌو ڪري زمين ۾ کوڙجي ۽ لاش وانگر ڪفن پارائجيس، پوءِ ان جي پاسي کان ڪيهي اها دعا پڙهجي، جا قبر مٿان پڙهي ويندي آهي. آخر ۾ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي انهيءَ رستي جي عين وچ ۾ دان ڪجي، جتان اسکان هجي تہ ان کي اهو دشمن اچي اورانگهيندو. ان جي خون جي گناه کان بچڻ لاءِ هيئن چئجي:

"هن کي آءٌ تہ دفن نہ ٿو ڪريان، جبرئيل آهي، جو دفن ٿو ڪريس."

اهڙيءَ طرح خون جو گناه ملائڪة المقربين مان مهندار حضرت جبرئيل جي ڪلهن تي پوندو، جو ان بار کڻڻ لاءِ اوهان کان زياده موزون آهي.

جيڪڏهن هڪ طرف دشمن کي رستي مان هٽائڻ لاءِ نسبتي يا نقالي جادوءَ جو ٻوتن ذريعي استعمال ڪيو ويو آهي، تہ ساڳئي وقت ان جو ٻين کي امداد ڏيڻ جي نيڪ ارادي سان ۽ استعمال ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ پوئينءَ صورت ۾ ان کان نسبتاً گهٽ ورتو ويو آهي. مثال طور ان کي ويم ۽ آساني پيدا ڪرڻ ۽ پي اولاد عورتن کي اولاد سان نوازڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سوياترا جي ٻڪ قبيلي وارن جي ڪنهن عورت کي جڏهن اولاد ڇڻ جي خواهش ٿيندي آهي، تڏهن هوءَ ڪاليءَ جو ننڍو ڪڏو گود ۾ ڪشندي آهي. هن جو اهو اعتقاد هوندو آهي تہ ان طرح سندس آرزو پوري ٿيندي. ٻيو ٻڌڻ ۾ جڏهن ڪنهن عورت کي احساس ٿيندو آهي تہ ڪيس اولاد ڪونہ ٿيندو، تڏهن هوءَ ڪوٽ جي اهڙي ماڻهوءَ کي دعوت ڏيئي گهر ڪوائيندي آهي، جو سڄي ڪوٽ ۾ سڀني کان زياده ڌارن جو پيءُ هوندو آهي. ۽ ڪيس سوڄ جي ديوتا اپوليرو جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چوندي آهي. پوڄا شروع ڪرڻ کان اڳ ڪاڙهيءَ کي ڀان ڀار جيترو هڪ ڪڏو تيار ڪري، واسطيدار عورت جي گود ۾ ڏيندا آهن، جنهن کي هوءَ اهڙي ڏنگ سان چاتيءَ سان لڳائي ويهندي آهي، جو تہ ان کي ٿڄ ويڻي ڏارائي. صاحب اولاد شخص پڪيءَ کي ڪنگن کان پڪڙي، عورت جي مٿي تي اونڌو جهلي، سوڄ ڏانهن منهن ڪري چوندو آهي تہ "اي اپوليرو، هن پڪيءَ کي قبول ڪر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي درخواست آهي، منهنجو عرض آهي ته منهنجي گود ۾، منهنجن هٿن ۾ هڪ بار اڇلاءِ". ان کان پوءِ هو ان عورت کان پڇندو آهي، "چا، بار آيو؟" هوءَ ورندي ڏيندي آهي، "ها، گود ۾ اڇي ٽي وينو ڇڄ ڏائي". بعد ۾ اهو شخص ان عورت جي مڙس جي اڳيان ٻيهي، پڪيءَ کي ان جي ٻڌي وٽ اونڌو جهلي، جنن ۾ ٻڌ ٻڌ ڪري ڪو منتر پڙهندو آهي، آخر ۾ پڪيءَ کي ذبح ڪري ان جي گوشت کي سوارين سان گڏ گهر جي قربان گاهه وٽ رکي چڏيندا آهن. انهيءَ رسم جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪوٺ ۾ ڏينهوڙو ڏنو ويندو آهي ته فلاڻي جي زال بستري داخل ٿي آهي ۽ سور ٿيا اٿس. انهيءَ خوشخبري ٻڌڻ کان پوءِ گهر وارن جا عزيز، دوست ۽ سنجي ڪوٺ جا ماڻهو عورت کي مبارڪ ڏيڻ ايندا آهن. بار جي جنڻ جو هي ڍونگ صاف طور جادوءَ جي عمل جو هڪ حصو آهي، بار جي جنڻ جو نقل ڪري ان ڪالهه جي خاطري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته بار سڄ ڦڄ جنڊ، ۽ جادوءَ جي انهيءَ منتر کي زياده طاقتور ۽ موثر ڪرڻ خاطر پوڄا ۽ قرباني کان پر ساڳئي وقت ڪم وٺڻ وڃي ٿو. گويا هن حالت ۾ جادوءَ جو مذهب سان هڪ مرڪب بڻايو وڃي ٿو ته جادوءَ جو عمل مذهب جو پٺتو ٿي زياده هڪ ٽڪ ثابت ٿئي.

بوڙيو جي ڏياڪ قبيلي واري جي ڪنهن عورت کي جڏهن بار جڻڻ وقت سخت سور ٿيندا آهن، تڏهن هڪ جادوگر کي گهرايو ويندو آهي، جو عورت جي پيٽ کي مالش ڪرڻ ۽ ان جي جسم کي اٽلائڻ پٽلائڻ جي عقلي طريقي سان زچه ۾ آساني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان وچ ۾ هڪ ٻيو جادوگر باهر اڇي سهڙندو آهي، جو ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ کي اهڙيون ترڪيبون اختيار ڪندو آهي، جن کي ناقابل فهم چئجي ته بهتر ٿيندو. درحقيقت هو خود ٻاڻ پيٽ واريءَ عورت هٿ جو ڍونگ ڪندو آهي، پنهنجي پيٽ وٽ هڪ ڏو ٻڌي، ان کي ڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان مضبوط جکڑي، پنهنجي پيٽ کي حامله عورت جي پيٽ وانگر ٻڌائي اهڙيون ته دانهون ڪندو آهي، جن ته هن کي سخت سور ٿي رهيا آهن ۽ ڪيس ٻار جمي رهيو آهي. ان وچ ۾ وڏو واري ڪمري سان، اندريون جادوگر واڪا ڪري پنهنجي سائيءَ کي ٻڌائيندو رهندو آهي ته عورت جي پيٽ وارو اصلي ٻار کهڙيءَ جاءَ تي پهتو آهي. انهن هدايتن مطابق، هي ٻاهريون اوستو ۽ پنهنجي پيٽ واري پٽ جي جاءَ تبديل ڪندو رهندو آهي. اها ڪارروائي تيسين جاري رهندي، جيسين عورت جو اصلي ٻار ڪنهن طرح ٻاهر اچي سهڙي.

ڏونگ يا نقل ڪرڻ جو اهو ساڳيو اصول، جو دنيا جي هر ملڪ ۾ راند وقت ٻارن جو محبوب مشغلو هوندو آهي، تنهن ڪن قومن ۾ انهيءَ رواج کي جنم ڏنو آهي ته جڏهن ٻ انهن مان ڪنهن کي پرايو ٻار گود ۾ وٺڻو هوندو آهي، يا منجهانئن کو ماڻهو گهڻي عرصي تائين غائب رهڻ کان پوءِ، اوچتو اچي پرگهٽ ٽپيندو آهي ۽ ان کي برادريءَ يا قبيلي ۾ نئين سر داخل ڪرڻو هوندو اٿن، ته پوءِ انهن ٻنهي حالتن ۾ وڏي پيماني تي ٻار جڻڻ جو نقل ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪنهن ڏوڻن ٻائيندڙ چوڪري کي، يا ڪنهن ڏکيءَ ڏاڙهي واري ماڻهوءَ کي ٿي، پوءِ ڪٿي هو دراصل پرايو پٽ ٿي چو نه هجي، ڪنهن ٻ اهڙو "جنم ڏنو"، ته قديم قومي رواج ۽ قانون مطابق، اهو چوڪرو، يا مرد حقيقي پٽ جي حيثيت اختيار ڪري، ڏين والدين جو هرهڪ چيز جو وارث ۽ مالڪ بڻجي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڊيئوڊورس* ٻڌائي ٿو ته جڏهن زيئس ديوتا، پنهنجي زال، هيرا، کي هرڪيولس کي گود ۾ وٺڻ لاءَ مجبور ڪيو، تڏهن ديويءَ بستري ۾ داخل ٿي، انهيءَ تنومند هيرو کي چاتيءَ سان لائي، پنهنجن ڪپڙن هيٺان لنگهائي، اهڙي نموني سان ڏ کو ڏيئي

* هڪ يوناني تاريخ نويس - سندس تاريخ، جا ٽيهن سالن ۾ مڪمل ٿي، ۴۰ جلدن ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ ڪيرايو، جيئن ويڙ وقت ٻار هيٺ ڪرندو آهي، اهو تاريخ نويس پنهنجي ٻاران اها ٻ خاطري ڏئي ٿو ته سندس ڏينهن ۾ وحشي قبائل ڪنهن ٻار کي گود ۾ وٺڻ لاءِ اهوئي نمونو اختيار ڪندا هئا. اڄ ٻ اهو رواج بلڪيريا ۽ بوسنيا جي ترڪن ۾ موجود آهي. ڪابه عورت، جڏهن ڪنهن کي گود وٺندي آهي تڏهن ان کي پنهنجن ڪپڙن ۾ وجهي هيٺ ڪيرائيندي آهي، يا ان کي آتان چڪي ٻاهر ڪيندي آهي، پس ان کان پوءِ اهو ٻار سندس حقيقي اولاد جو درجو اختيار ڪندو آهي ۽ پنهنجن نون والدين جي ملڪيت جو مالڪ ٿيندو آهي. سڀراوڪ جي ٻيڙاوان قبيلي وارن جي ڪا عورت، جڏهن ڪنهن وڏي مرد، يا عورت کي گود ۾ وٺڻ چاهيندي آهي، تڏهن ان موقعي ملهائڻ لاءِ قبيلي جا سڀ ماڻهو اچي جمع ٿيندا آهن، ۽ هڪ دعوت جو انتظام ڪيو ويندو آهي. گود ۾ وٺندڙ عورت کي چادر سان ڍڪيل ڏٺهي تي ويهاريو ويندو آهي، ۽ جنهن عورت يا مرد کي اها گود ۾ وٺڻ چاهيندي آهي، سو ٻنيان سندس ٻنهي ٽنگن جي وچان ريڙهيون پائي ٻاهر ايندو آهي. ٻاهر اچڻ وقت ان کي ڪنهن خوشبودار وڻ جي پور واريءَ ڪاريءَ سان ٻنيءَ تي ڏڪي هٽي. ان عورت سان گڏ ٻڌو ويندو آهي. ان کان پوءِ هڪٻئي سان ٻدل اهي ٻئي ڇڙ، ماڻ ۽ ڌيءَ يا ماڻ ۽ پٽ، سڀني حاضرين جي روبرو جاءِ جي هڪ چيڙي کان ٻئي تائين ڦيرو پائي واپس موٽي اينداآهن. ويڙ جي اهڙي نقل ڪرڻ کان پوءِ، ٻنهي جي درميان جيڪو رشتو قائم ٿيندو آهي، سو ڏاڍو پڪو ۽ پختو سمجهيو ويندو آهي. گود ۾ ورتل اولاد خلاف ڪيل ڪهڙي ٻ ڏوهه کي حقيقي اولاد جي ڏوهه کان زياده سنگين تصور ڪيو ويندو آهي. قديم يونان ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي غلط فهميءَ کان مري ويل سمجهي، ان جي ٻنيان سندس سڀ ڪريا ڪرم ڪري ڇڏيو ويندو هو، ته پوءِ اهو جيسين دوباره جنم وٺڻ جي رسم ادا نه ڪندو هو، تيسين معاشري اندر مئل ئي شمار ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو. ان کي ڪنهن عورت جي گود ۾ ڏيئي، غسل ڪرائڻ کان پوءِ تنجن ۾ ٻڌو ويندو هو، ۽ آخر ۾ ڪيس ڪٽ ڏارائي ويندي هئي. جيستائين اها رسم سختيءَ سان ادا نه ڪئي ويندي هئي، تيستائين ان کي زنده ماڻهن سان ملڻ جو ڪو به حق ڪونه هوندو هو. قديم هندستان ۾، ساڳين حالتن ۾ مرده تصور ٿيل ماڻهوءَ کي، واپس اچڻ کان پوءِ، پهرين رات گهر کان ٻاهر رکيل هڪ ڪونڊ ۾ گذارڻي پوندي هئي، جنهن ۾ چربي ۽ پاڻي ٻيل هوندو هو، اها سڄي رات هن کي مڻيون پيڪوڙي چپ چاپ انهيءَ ڪونڊ ۾ اهڙي نموني سان ويهڻو پوندو هو، جيئن ماڻ جي پيٽ ۾ ٻار جي حالت هوندي آهي، هن جي مٿان اهي سڀ جنترمنتر پڙهيا ويندا هئا ۽ ساڳيون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون جي هڪ حامل عورت جي حالت ۾ ڪيون وينديون هيون، ٻئي ڏينهن صبح جو هو ڪونڊ کان ٻاهر اچي اهي سڀ رسمون دوباره ادا ڪندو هو، جي هن ٻالڪپڻ کان وٺي انهيءَ عمر تائين ادا ڪيون هونديون، خاص طور هن کي نئين شادي ڪرڻي پوندي هئي، يا وري اڳوٽيءَ زال سان، نهايت سنجيدگيءَ سان نئين سر ڪيس لائون لهڻيون پونديون هيون.

نسبتي جادوءَ سان ٻيو نيڪ ڪم بيماريءَ جي علاج يا ان کي روڪڻ جو ورتو ويندو آهي. قديم هندو سائيءَ يا يرقان جي بيماريءَ کي چٽائڻ لاءِ، نسبتي جادوءَ جي اصولن تي هڪ ڏکهي رسم ادا ڪندا هئا. ان جو مول مقصد بيماريءَ جي پيلي رنگ کي مريض جي جسم کان ٻاهر ڪڍي، پيلن جاندارن، يا پيلن شين، جهڙوڪ سج وغيره ڏانهن واپس وراڻڻ، ۽ مريض کي ان جي بجاءِ ڪنهن جيئري جاڳندي طاقتور چيز ذريعي، مثلاً ڳاڙهي ڏکي وغيره، سان تندرستيءَ جو سرخ رنگ واپس وٺي ڏيڻ هو ويندو هو. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنڌت هيءَ منتر پڙهندو هو: "تنهن جي سائي ۽ دل جو درد مٽي سڄ ڏانهن ويندا، ڳاڙهي ڏکي جي رنگ ۾ توکي رڳيون ٿا، اسين توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيءَ عمر تائين گاڙهن رنگن ۾ رڳيون ٿا، شل هي شخص پيلي رنگ جي مصيبت کان آجو ٿئي! ڪئون، جيڪي روهني ديويءَ جو روپ آهن، اهي جيڪي ان کان علاوه، خود گاڙهيون روهنہ آهن ـ انهن جو ئي رنگ ۽ انهن جي ئي طاقت اسان توکي ڏيون ٿا. طوطن ۽ پيلن چيهن ۾ اسان تنهنجي سائيءَ کي واپس ڪريون ٿا." منتر پڙهندي زرد رنگ واري مريض کي تندرستيءَ جي سرخ رنگ ڏيڻ لاءِ، پنڊت ڪيس اهو پاڻي پيئڻ لاءِ ڏيندو هو، جنهن ۾ گاڙهي رنگ جي ڏڳي جا وار ملهل هوندا هئا. هو اهڙي ڏڳي جي مٿان پاڻي هاري، مريض کي اهو پيئڻ لاءِ ڏيندو هو. مريض کي گاڙهي ڏڳي جي کل مٿان ويهاري، ان جو هڪ ٽڪرو سندس ٻانهن ۾ ٻڌندو هو. ان کان پوءِ مريض جي جسم سان پيلي رنگ کي مڪمل طور ڪيڻ ۽ ان جي رنگ کي بهتر بنائڻ لاءِ هي عمل ڪندو هو: پهريائين مريض جي سڄي بدن کي ڪيسوڙن جي پيلي رنگ سان ٽڦي، ڪيس ڪٽ تي ويهاري، پيلي ڏاڳي سان ٽي پيلائين رنگ جا پکي ڪٽ جي پاون سان ٻڌندو هو. انهيءَ ڪم کان فارغ ٿي، هو مريض جي سڄي جسم تان پيلو رنگ ڏوئي صاف ڪري، سائيءَ کي مريض کان منتقل ڪري، هيٺ پاون سان ٻڌل پيلن پکين کي ڏيندو هو. ان کان پوءِ مريض جي چهري کي ٽئين رنگ ڏيڻ لاءِ، گاڙهي ڏڳي جا وار سوني ورق ۾ ملائي، ان جي منهن کي ٽڦيندو هو. قديم زماني جي ماڻهن جو اعتقاد هو ته سائيءَ جو مريض جيڪڏهن پيلي رنگ جي پرندي کي تيز نظرن سان ڏسي ۽ اهو پکي به سائس غور سان نظرون ملائي، ته مريض سائيءَ کان آزاد ۽ آجو ٿي ويندو. پلوٽارچ چوي ٿو ته "اهڙي پکيءَ جو مزاج ۽ فطرت اهڙي ته ٿئي ٿي جو اهو مريض جي غليظ خون جي وهندڙ ڌارا کي، نظرن سان چڪي پنهنجي پاڻ ۾ اوتي ڦٽي ٿو ڪري." اهڙي پکيءَ کي انهيءَ زماني جا ماري اهڙي ته قيمتي چيز سمجهندا هئا، جو ان کي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان ڏکي رکندا هئا، ته متان کو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائيءَ جو مريض ان کي ڏسي ۽ مفت ۾ شفايابَ ٿي وڃي. اهڙي پکيءَ جي اها خاصيت سندس پرن ۾ نہ، پر اکين ۾ موجود سمجهي ويندي هئي. پلني* به هڪ اهڙي پکيءَ جو ذکر ڪري ٿو، جنهن کي قديم يونانين "سائيءَ" جي بيماريءَ جو نالو ڏنو هو، چو ته ان لاءِ وري اهو اعتقاد هو ته جيڪڏهن ان کي ڪو سائيءَ جو مريض ڏسندو، ته مرض پکيءَ ۾ داخل ٿي، ان کي ماري چڏيندو. هوَ هڪ پٿر جو به ذکر ڪري ٿو، جنهن جو رنگ سائيءَ جي مريض جي چمڙيءَ وانگر هوندو هو ۽ ان ۾ به ان مرض کي چوسي ڪڍڻ جي طاقت موجود سمجهي ويندي هئي.

نسبتي جادوءَ جي هڪ وڏي خوبي هيءَ آهي ته ان ذريعي علاج خود بيمار جي بدن بدران، سندس معالج جي جسم جو ڪري سگهجي ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح مريض پاڻ سڀني تڪليفن کان آجو رهي، پنهنجي شفا ڏيندڙ کي پنهنجن اکين آڏو درد و ڪرب ۾ ڦٽڪندو ڏسي ٿو. مثال طور فرانس جي پرچ علائقيْ جي گوئاڻن ۾ اهو وهم ويٺل آهي ته مريض کي گهٽيون الٽيون ان ڪري ايندڙون آهن، جو سندن چوڻ موجب، هن جو پيٽ چڄي هيٺ ڪري پوندو آهي. ان ڪري انهيءَ ڪريل عضوي کي پنهنجي اصلوڪيءَ جاءِ تي بيهارڻ لاءِ معالج کي گهرايو ويندو آهي، جو حاضر ٿي بيماريءَ جي علامتن بڏڻ کان پوءِ، پنهنجي پيٽ چنڻ لاءِ عجيب. نموني سان ڦٽڪڻ شروع ڪندو آهي. انهيءَ عمل ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ، هو وري پيا ابتا سبتا ٽينگ ٽپا ڏيئي ۽ بچڙي شڪل بنائي پنهنجي پيٽ کي وري ان جي اصلوڪيءَ جاءِ تي پهچائيندو آهي: هوڏانهن مريض پنهنجي منهن اوتري قدر آرام محسوس ڪندو پيو ويندو. ان علاج جي في اتان جا صرف پنج پنسا. ساڳئي نموني ڏياڪ قبيلي جو ويج، مريض وٽ پهچي، حال احوال پڇڻ کان پوءِ، سڏو سنئون ٽي ليٽي، مري وڃڻ جو ڏونگ ڪندوَ آهي. ان کي جنازو سمجهي، تڏن ۾ ويڙهي سيڙهي،

* (٢٣-٧٩ ق.م) هن هڪ مشهور ڪتاب "تاريخ قدرت" لکيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھر مان باهر کڍي زمين تي رکي ڇڏيندا آهن. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ ٻيا ويڄ اچي، ان جي "ڪفن" کي کولي ڪيس ٻاهر زنده ڪندا آهن، پوءِ جيئن هو جيئرو ٿيندو، تئن مريض ۾ مرض کان شفا حاصل ڪندو. نسبتي جادوءَ جي اصول تي، ٿيئوڊوڊيس ڦهرئين* جي شاهي طبيب، مارسياس آف بوردِيو، پنهنجي دوائن جي عجيب و غريب ڪتاب ۾ لکيو آهي ته هڪ مزيدار علاج ڄاڻايو آهي، جو هيئن آهي: ورويين (*Vervain*) ٻوٽيءَ جي پاڙ ڪڍي، ان کي اڌ تان چيري، هڪ حصو مريض جي ڇڇيءَ ۾ ويڙهي، ٻيو باهه جي دونهين ۾ رکجي. جيئن ٻوٽي دونهين ۾ سڪندي ويندي، تيئن ئي لقوو ثمائب ٿيندو ويندو. جيڪڏهن بعد ۾ مريض پنهنجي طبيب سان ڪا احسان فراموشي ڏيکاري، ته پوءِ حڪيم صاحب ٻوٽيءَ جي پاڙ پاڻيءَ ۾ اڇلائي نهايت آسانيءَ سان ڪائنس ان احسان فراموشيءَ جو انتقام وٺي سگهي ٿو. جيئن جيئن ٻوٽي پاڻيءَ ۾ سائي ٿيندي ويندي، تيئن تيئن ان جي بيماري ۾ واپس ڪيس وڃڻندي ويندي. ساڳئي سياڻي مصنف اها به سفارش ڪئي آهي ته جيڪڏهن توکي موهيڙن ڏاڍو ستايو آهي، ته آسمان ۾ ڪرندڙ تاري جي تاڙ ۾ رهه، جنهن وقت تاري کي ڪڙندو ڏسين، ان وقت هڪدم ڪنهن ڪپڙي يا ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ چيز سان موهيڙن کي اگهي ڇڏ، پر هڪ خبرداريءَ ڪجانءِ ته هٿ سان صفا نه ڪجانءِ، نه ته موهيڙا منهن جي پچر ڇڏي هٿ کي اچي ولندءِ. بس جيئن تارو آسمان مان ڪري ٿو، تيئن موهيڙا تنهنجي منهن تان ڇٽي پوندا.

ازانسواءِ هڪ وحشي شڪاري، يا مهاڻو، گهٽي شڪار حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي اپاءَ اختيار ڪري ٿو، تن ۾ نسبتي، ۽ عام طرح هم آهنگ جادو هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انهيءَ اصول جي بنياد تي ته "ساڳيون شيون ٻيون پاڻ جهڙيون ساڳيون

* جمڻ جو سال سنہ ۱۷۰ ڪان ۱۸۰ع جي درميان اٽس - يونان. جو هڪ مشهور دليلباز فيلسوف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيون پيدا ڪن ٿيون" ـ هو پاڻ ۾ سندس دوست گڏجي الهيءَ نتيجي جو چاڻي واڻي نڪل ڪندا آهن، جنهن کي حاصل ڪرڻ سندن مقصد هوندو آهي. ساڳئي وقت هو ڪيترن اهڙن ڪمن کان پرهيز ڪندا آهن، جي ٿوري يا گهٽي قدر انهن ڳالهين سان مشابهت رکندا آهن، جي انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ رڪاوٽون سمجهيون ويندیون آهن.

خوراڪ جي جهجهي مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ نسبتي جادوءَ جي اصولن تي ٻڌي ڪنهن ٻ هنڌ شايد اهڙيءَ باقاعدگيءَ سان عمل ڪونہ ڪيو ويو آهي، جهڙو وچ آسٽريليا جي ويران ۽ غيرآباد علائقن ٻ، اتان جا قبائل پاڻ کي هميشه ڪن جانورن، پکين، ٻوٽن يا ٻين قدرتي چيزن جي نالن سان سڏيندا آهن، ۽ منجهائن هرهڪ تي اهو فرض عائد ٿيل آهي ته هو قبيلي جي عام ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي خانداني يا قبيلي جي مخصوص پکيءَ يا جانور وغيره جي تعداد ٻ جادوءَ جي منترن جنترن وسيلي اضافو آڻي. جيئن ته انهن جا سيئي قبائلي نشان گهٽو ڪري ڪائڻ جي قابل جانور، پکي ۽ ٻوٽا وغيره آهن، ان ڪري انهن رسمن جي ادائگيءَ جو عام نتيجو قوم لاءِ خوراڪ ۽ ٻين ضروريات زندگيءَ جي شين جو مهيا ٿيڻ سمجهيو ويندو آهي.

عام طور اهي رسمون ڪنهن اهڙي نتيجي يا مقصد جو نقل هونديون آهن، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو قبيلي وارن کي ارادو هوندو آهي، ٻين لفظن ٻ، انهن جو جادو نسبتي يا نقالي جادو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح وارامنگا قبيلي وارن جو سردار، جن جو قبيلائي نشان چوٽيءَ وارو اڇو وڏو طوطو آهي، پنهنجي انهيءَ پکيءَ جي تعداد وڌائڻ لاءِ، ان جو مجسمو پاڻ وٽ رکندو آهي، ۽ هو پاڻ ان طوطي جي سخت ۽ ڪرخت آواز جو نقل ڪندو رهندو آهي. شتر مرغ جي جنس ٻ واڌاري آڻڻ لاءِ، جي اتان جي ماڻهن جي خوراڪ جو هڪ اهم ذريعو آهن، "شتر مرغ قبيلي" وارا پنهنجي انهيءَ مقدس پکيءَ جي شڪل، ۽ خاص طرح اُن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن حصن جون شڪليون، جي حصا ڪائڻ ۾ زياده لذيذ ۽ ڪين وٺندا آهن، زمين تي ڪيڏنا آهن، ۽ ٻوءِ قبيلي جا ماڻهو انهن شڪارين جي چوڌاري ويهي منتر آلاپيندا آهن. آخر ۾ انهن مان ڪي وڏي شترمرغ جي مٿي ۽ ڳچيءَ جون همشڪل ڏڳهيون ٽوپيون مٿن ۾ وجهي، انهيءَ ٻڪيءَ جي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ۽ هن هن پاسي ۽ هيٺ مٿي نهارڻ جو نقل ڪندا آهن.

برٽش ڪولمبيا جي ريڊ انڊينس جو زياده تر گذارو انهن مڇين تي آهي، جي اتان جي درياهن ۽ سمنڊن ۾ تمام جهجهي تعداد ۾ لهن ٿيون. جيڪڏهن پنهنجيءَ مند تي اهي مڇيون درياهن ۽ سمنڊن ۾ جام نه ٿيون، ۽ ڪاڙها هندستاني بک وگهي مرڻ لڳا، تہ ٻوءِ انهن جو "نوٽڪا" جادوگر مختلف ترندڙ مڇين جون تصويرون چاپي، انهن کي پاڻيءَ ۾ انهيءَ طرف وهائيندو، جنهن طرف ڪان عام طور اهي مڇيون ايندينون آهن. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ ۽ مڇين جي گهٽي تعداد ۾ اچڻ لاءِ دعائن پڙهي سان، هو سمجهندا آهن تہ جام مڇيون ايندينون. ٽورس ايسمنڊ جا باشندا ڪمين ۽ ڪچن کي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي، انهن جا بوتا استعمال ڪندا آهن. سيليبس ٻيٽ جي مرڪزي علائقي وارن جو عقيدو آهي تہ هڪجهڙين شين جا روح انهن کي هڪٻئي ڏانهن ڪشش ڪندا آهن. ان ڪري هو پنهنجن گهرن ۾ جهنگلي سوئر ۽ هرڻ جي جاڙين جا هڏا ٽنگي چڏيندا آهن، تہ جيئن انهن هڏن ۾ رهندڙ انهن جانورن جا روح پنهنجن جيئرن جاڳندن مالڪن کي شڪاريءَ جي راهه ۾ آڻي ڏين. نياس جي ٻيٽ وارا جڏهن جهنگلي سوئر کي پڪڙ ۾ ڪاسياب ٿيندا آهن، تڏهن هو سوئر کي اتان ٻاهر ڪڍي، هندس ٻڪيءَ کي وڻ مان ڪريل نو پن مهٽيندا آهن، تہ جيئن ان کان ٻوءِ ساڳيءَ پڪڙ ۾ نو ٻيا سوئر ائين اچي ڪرن، جيئن نو پن وڻ مان چٽي هيٺ ڪريا هٿا. ايسٽ انڊيز جي ساڀاڙئي، هاروڪوئي ۽ نوئيسالات ٻيٽن جو ٻهاڙو مڇين ڪاسائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ چار وجهڻ کان اڳ ڪنهن اهڙي وڻ جي تلاش ڪندو آهي، جنهن جي ميوي کي پکين چهنبن سان گهٽو ٽڪيو هجي. اهڙي وڻ هٺ ڪرڻ کان پوءِ، هو ان سان هڪ مضبوط ڏنڊو وڌي، ان کي پنهنجيءَ چار جو مرڪزي لڪڙو بڻائيندو آهي. چو ته هن جو اعتقاد آهي ته جيئن انهيءَ وڻ گهٽن پکين کي پنهنجي ميوي ڏانهن ڪشش ڪئي هئي، تيئن اهو ڏنڊو به گهٽين ماڻهن کي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ آماده ڪندو.

هرڪو نيو گائنا جا ماهيگير ڪمين يا ڪچن کي آسانيءَ سان ۽ گهٽي تعداد ۾ ڦاسائڻ لاءِ هڪ جادوءَ کان ڪم وٺندا آهن. هو پنهنجي سڃيءَ سارڻ واري نيزي جي انهيءَ سنهن وٽ، جيڪو نيزي جي ڦر ۾ مضبوط ڪتل هوندو آهي، هڪ ڪنڊلي ويهارينڊا آهن، جا ناريل جي وڻن ۾ گهٽي ٽيندي آهي. سندن اعتقاد آهي ته جهڙي نموني سان اها ڪنڊلي ماڻهوءَ کي چڪ هڻڻ وقت ان جي جهڙيءَ کي مضبوطيءَ سان جڪڙي پوندي آهي، تهڙي نموني سان نيزو به ڪميءَ يا ڪچونءَ جي ٻت ۾ مضبوطيءَ سان کپي ويندو. ڪئموديا جو شڪاري جڏهن ڏسندو آهي ته گهٽو وقت گذري ويو آهي ۽ سندس جار اڃا خالي آهي، تڏهن ٽورو پريرو وڄي، اگهاڙو ٿي، اهڙيءَ بي خياليءَ سان جار واري طرف، آهستي آهستي گهمندو ايندو آهي، جڏ ته ڪيس جار جي وجود جو ڪو علم ئي ڪونهي. پوءِ هو پاڻ کي جار ۾ ڦاسائي، حيران ٿي چوندو آهي "مار، هي ڇا؟ آءٌ ته هاڻي ڦاسي پيس!" بس، ان کان پوءِ ڪيس خوب شڪار ملڻو آهي. اسان جي زماني ۾ اهڙي قسر جو ڪنگو نالڪ ريورنڊ جيمس مڪڊونالڊ، جو هينئر ڪئنيس ۾، ري وٽ رهي ٿو، هڪ پيري مون کي ٻڌايو ته اسڪاٽلنڊ جي جابلو علاقي ۾ ننڍي هوندي هو جڏهن پنهنجن دوستن سان سڃي ڦاسائڻ ويو، تڏهن گهٽي وقت تائين ڪنڊين ۾ ڪو چڪ ئي ڪونه پيو: چوڪرن ڇا ڪيو، جو پنهنجي هڪ دوست کي پاڻيءَ ۾ ڌڪو ڏيئي، وري ڪيس اهڙي نموني سان چڪي ٻاهر ڪڍي ڪڍي ٻيڙيءَ ۾ وڌو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڻ تہ هو مڇي هو. پس ان کان پوءِ مڇيون جام ڪريئر قبيلي جو ڳاڙهو هندستاني جهنگلي بلين جي شڪار ڪرڻ لاءِ چار وڄڻ کان ڏهہ راتيون اڳ باهہ جي پرسان اڪيلو سمهندو آهي ۽ پنهنجيءَ ڪچيءَ مٽان کانيءَ جو ننڍو ٽڪر دٻائي رکندو آهي. ان مان سندس اهو مقصد هوندو آهي تہ جارجي ڪوڙڪي واري کائي جهنگلي بليءَ جي ڪنڌ تي ٻ اهڙيءَ ئي آسانيءَ سان ڪيري، ان کي قاسائي ڇڏيندي. نيوگائنا جي اولهہ ۾، هلماهرا جي هڪ شمالي ضلعي ۾ جيڪو ڪئليلاري قبيلو آباد آهي، تن ۾ وري هي اعتقاد آهي تہ شڪار تي وڃڻ کان پيشتر، بندوق ۾ گولي وجهڻ کان اڳ، ان کي وات ۾ وجهي، پوءِ بندوق ۾ وجهڻ گهرجي، جو اهڙي گولي نشان کان ڪڍهن ٻ خطا کائہ ويندي. ملايا جو وحشي، واڳڻ لاءِ چار وجهڻ کان هڪ رات اڳ نرم چانور کائيندو آهي ۽ ساڳئي وقت خبرداري ڪري، پهريان ٽي گرهہ، گولن جي صورت ۾ وات ۾ وجهي، بنان ڏند ڏيڻ جي ڳهي ويندو آهي، چوتہ ائين ڪرڻ سان ڪنڌي واڳوءَ جي وات ۾ هيٺ لهي، آسانيءَ سان اتي قاسي پوندي. هو پنهنجي پوڙ مان هڏا ٻ ڪونہ ڪيندو آهي، چو تہ ان مان صاف نتيجو هي نڪرندو تہ ڪنڌي واڳوءَ جي وات مان ائين نڪري ويندي، جيئن پوليءَ مان هڏا نڪري ويا ۽ ان حالت ۾ واڳو آسانيءَ سان جان ڇڏائي ڇڄي ويندو. اهڙين حالتن ۾ شڪاريءَ لاءِ عقلمنديءَ جو اهوئي طريقو هوندو آهي تہ مانيءَ تي وهڻ کان اڳ، هو پنهنجي پوڙ مان سڀ هڏا ٻئي ڪنهن جي هٿان ڪڍائي ڇڏيندو آهي، چوتہ ڪاڏي تي وهڻ کان پوءِ هڏي چوسڻ جي لالچ ۾ اڇي مٽان کيس واڳوءَ جي شڪار کان محروم ٿيڻو پوي.

اهو پويون قانون اهڙين ڳالهين جو مثال آهي، جن ۾ شڪاري کي ڪمن ڪرڻ کان پرهيز ڪندو آهي تہ مٽان انهيءَ اصول تي تہ "هڪجهڙن ڪمن مان هڪجهڙا نتيجا نڪرندا آهن"، ائين ڪرڻ سان سندس ڪم بگڙي پوي، چو تہ ياد رکڻ گهرجي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هم آهنگ جادو فقط اثباتي اصولن جو ٿي مجموعو ڪوبہ آهي، ان ۾ ڪيترائي منفي اصول به آهن، جي ممنوعات ۾ شامل آهن. ان ۾ فقط اهڙا حڪم ڪوبہ آهن تہ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ڪيترا اهڙا به حڪم آهن جن مطابق ڪي خاص ڪم ڪرڻا نہ آهن. اثباتي قسم جي اصولن ۾ پوڄا پاٺ ۽ اهڙا ٻيا منتر شامل آهن، منفي اصولن ۾ جهل، ڪوڙي، پرهيز ۽ ٻيون ڪيتريون منع ٿيل ڳالهيون آهن. جيتوڻيڪ انهن قانونن جي تشريح يا بيان لفظن ۾ ٿيل ڪونهي ۽ نہ وري وحشيءَ جي دماغ ۾ انهن جو اصل منطق ئي ويڪل آهي، ان هوندي به هن کي پختو يقين آهي تہ اهي قانون انساني ارادي کان بلڪل آزاد، سڄي قدرتي نظام تي حاوي آهن ۽ ان کي هلائي رهيا آهن. هو سمجهي ٿو تہ جيڪڏهن هو ڪنهن خاص طريقي سان عمل ڪندو، تہ ان صورت ۾ انهن قانونن منجهان ڪنهن هڪ يا ٻئي جي تحت، کي خاص نتيجا ضرور رونما ٿيندا، ۽ جيڪڏهن ڪنهن خاص ڪم جا نتيجا ڪيس اٿوٿنڊڙ ۽ خطرناڪ معلوم ٿين ٿا، تہ ٻوءَ هو قدرتي طور انهن اگرن نتيجن کان محفوظ رهڻ لاءِ اهڙي ڪم ڪرڻ کان پري رهي ٿو. ٻين لفظن ۾ جڏهن تہ هو اهڙي ڪم کان پرهيز ڪري ٿو، جنهن مان ڪيس، سبب ۽ نتيجي جي غلط نظريي ڪري، نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو. اثباتي جادو چوي ٿو: "هيئن ڪر، تہ هي نتيجو نڪري." منفي جادو چوي ٿو: "هيئن نہ ڪر، متان هيئن يا هوئين ٿي پوي." اثباتي جادوءَ جو مقصد گهربل واقعي کي ظهور ۾ آڻڻ جو آهي، ۽ منفي جادوءَ جو مقصد ڪنهن اڻ-گهربل واقعي جي ظهور کي روڪڻ جو آهي. پر ٻنهي نتيجن، گهربل ۽ توڙي اڻ گهربل، جي ظهور لاءِ انهن ٻنهي اصولن - هڪجهڙائيءَ يا نسبت ۽ لاڳاپي يا قرابت کي ذميدار سمجهيو وڃي ٿو. ظاهر آهي تہ جهڙي نموني گهربل نتيجي جو ظهور حقيقت ۾ جادوءَ جي ڪنهن پوڄا پاٺ يا منتر سبب نہ ٿو ٿئي، ساڳيءَ طرح اڻ گهربل نتيجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ظهور ۾ ڪنهن ممنوع ٽيل ڪم جي ٿي وڃڻ سبب نه ٿو ٿئي. جيڪڏهن منع ٽيل ڪم جي ٿي وڃڻ سبب ئي کو برو نتيجو نڪري ٿو، تہ پوءِ اهو عقل جي دائري ۾ اچي ويجي ٿو يا اخلاقي اصول جي صورت اختيار ڪري ٿو، مثال طور، جي چئجي "باهہ ۾ هٿ نہ وجهہ"، تہ هي منفي جادوءَ جي جهلَ يا پرهيز واري ڳالهہ نہ چئبي، پر هيءَ هڪ عام فهم ۽ عقلي اصول سڏبو، ڇو تہ منع ٽيل ڪم ڪرڻ مان واقعي برو نتيجو نڪرندو ـ۽ نہ ائين تہ اهو کو رکو هڪ وهم هو. ان ڪري منفي جادوءَ جا اهي اصول، جن کي اسين ممنوعات چئون ٿا، سي ۽ ان گهربل نتيجن کي ٽارڻ لاءِ اهڙائي اچايا ۽ بيڪار آهن، جهڙا اثباتي جادوءَ جا اصول، جن کي گهربل نتيجن جي پيدا ڪرڻ لاءِ جادوگر استعمال ۾ آڻي ٿو. ٻئي ڳالهيون هڪ ئي عظيم غلطيءَ يعني "خيالن جي لاڳاپي" واري اصول (جو ٻنهنجيءَ جاءِ تي انساني فڪر ۽ فلسفي جو هڪ بنيادي اصول آهي) جي غلط مفهوم مان پيدا ٿيون آهن، ۽ ان غلط مفهوم جا ٻہ آمهون سامهون پهلو ٻہ مخالف طرف يا قطب آهن: اثباتي قطب اهو جادو آهي، جنهن سان گهربل نتيجا پيدا ڪجن ٿا، ۽ منفي قطب اهو ممنوعات وارو جادو آهي، جنهن سان اڻ گهربل نتيجا ٽارجن ٿا. جيڪڏهن اسين انهيءَ سڄي غلط فڪري نظام کي، سندس نظرياتي توڙي عملي حيثيت ۾ "جادوءَ" جي هڪ ئي ٽالي سان سڏيون ٿا، تہ پوءِ ممنوعات کي اثباتي جادوءَ جو منفي طرف سمجهڻ گهرجي. شجري جي صورت ۾ اهو سمورو سانڌاڻ هيٺ ٻيهندو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ممنوعات يا منع ٿيل ڪمن ۾ انهن جي جادوءَ سان تعلق جو مون ان ڪري ذڪر ڪيو آهي، جو آڳ ڪي اهڙا مثال پيش ڪرڻ وارو آهيان، جن تي سهاڻا، شڪاري ۽ احتياج رکندڙ پيا اهڙا عام ماڻهو عمل ڪن ٿا، ائين ڪرڻ ۾ منهنجو مقصد هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ جو آهي ته اهي ڪم انهيءَ عام نظريي جي تحت آڻي، وڃن ٿا، جنهن کي هم آهنگ جادو چئون ٿا. اهڙيءَ طرح، ايسڪيموز ۾ چوڪرن کي هٿن جي آڱرين سان ڏاڪي واري راند کيڏڻ نه ڏيندا آهن، چو ته جيڪڏهن هو اها راند کندا ته وڏي هوندي جڏهن هو 'ويل' مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ ويندا، تڏهن سندن آڱريون 'ويل' مڇيءَ جي ماري کندڙ خاردار نيزي جي تار ۾ ڦاسي پونديون. هن حالت ۾ "هڪجهڙائيءَ جي قانون" جي تحت ان ڪم کان منع ڪئي ويئي آهي، ۽ اهو قانون نسبتي جادوءَ جو بنياد آهي، جهڙي نموني ٻار جون آڱريون ڏاڪي سان کڏندي، ان ۾ ڦاسن ٿيون، اهڙي نموني هن جون آڱريون، وڏي هوندي ويل مڇيءَ جي شڪار ڪرڻ وقت، نيزي جي تارن ۾ ڦاسنديون. ڪاريٽين جبلن ۾ آباد هزول قبيلي وارن مان ڪنهن ۾ شڪاريءَ جي زال ان وقت ستن ڪتيندي آهي، جڏهن سندس مڙس مانيءَ ڪائينڊو آهي، چو ته سندس مڙس جي آڱيان شڪار ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڪي وانگر ڦيريون پائيندو ۽ گوهيون ڏيندو رهندو ۽ شڪاري ان کي نه ماري سگهندو. ظاهر آهي ته ان حالت ۾ ان "هڪجهڙائيءَ جي قانون" تحت منع ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح، قديم اتليءَ جي زالن کي رستي تان ويندي ست ڪتن جي قانونا ممانعت ٿيل هوندي هئي، جو ته ان ڪري فصلن کي نقصان پهچڻ جو انديشو سمجهيو ويندو هو. ممڪن آهي ته اها منع هن خيال کان ڪيل هجي ته جيئن ڏاڪو ڦرندو رهندو، تيئن اناج جا ڪانا ۽ ڏنگا ڦڏا ٿيندا ۽ سڏا نه ڪرندا. ساڳيءَ طرح ايٽنو قبيلي وارن جي هر ڪا حامل عورت ويم کان ۾ مهينا اڳ ست ڪتن کان بس ڪندي آهي، جو ته جيڪڏهن هوءَ ست ڪتيندي رهندي، ته پار جا آنڊا پاڻ ۾ ائين منجهي پوندا، جيئن ست منجهندو آهي. هندستان جي بلاسپور ضلعي ۾ وري اهو رواج آهي ته جڏهن ڳوٺ جا مکي ڪنهن صلاح و مشوري لاءِ گڏ ٿين، ته ان وقت ڪوبه ست نه ڪتي، جو ته ائين ڪرڻ سان زير بحث مسئلو گول چڪرن ۾ ڦرندو رهندو ۽ ڪوبه قطعي فيصلو ڪونه ٿي سگهندو. ايسٽ انڊين ٻيٽن مان ڪن ۾ اهو رواج آهي ته جڏهن به ڪو ماڻهو شڪاريءَ سان ملڻ اچي، ته سڏو سنئون شڪاريءَ وٽ هليو اچڻ گهرجيس، ۽ رستي ۾ يا دروازي وٽ بيهڻ نه گهرجيس، جو ته انهيءَ مان انديشو آهي ته شڪاريءَ جي وچايل جار اڳيان به جانور اچي پري بيهي رهندا ۽ ان ۾ قاسڻ بدران واپس موٽي ويندا. ساڳي ئي سبب ڪري، مرڪزي سيليبس جي ٽوراجا قبيلي وارن جو قانون آهي ته جنهن گهر ۾ ڪا حامل عورت موجود هجي، تنهن ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪوبه ملاقاتي گهر جي ڏاڪڻ تي بيهي نه رهي، جو ته هن جي بيهي رهڻ ڪري، پار جي ٽڪڙي جمڻ ۾ رڪاوٽ پيجي ويندي، سوساترا جي ڪيترن علائقن ۾ خود حامل عورت کي اهڙين حالتن ۾ گهر جي ڏاڪڻ جي مٿين ڏاڪي، يا در جي چانٽ وٽ بيهڻ جي منع ٿيل آهي، جو ته اهڙي قسم جي بنيادي احتياط ڪرڻ کان بيخبر رهڻ ڪري ڪيس ڏکئي ويم جي تڪليف برداشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کرڻي پوندي. ملايا جا ٻاشندا، جڏهن ڪافور گڏ ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن، تڏهن هو خشڪ ڪاڏو استعمال ڪندا آهن، ۽ ان ۾ سنهو لوڻ نہ وجهندا آهن، ان جو سبب هي آهي جو ڪافور داڻن جي صورت ۾ ڪافور جي وڻ جي ٽڙ جي چيرن مان ملندو آهي، ان ڪري ملايا جو ٻاشندو سمجهندو آهي ته ڪافور گولينديءَ جيڪڏهن هو سنهو لوڻ استعمال ڪندو، تہ ڪيس ڪافور ۾ اهڙن سنهن داڻن جي صورت ۾ دستياب ٿيندو، پر ٿلهن داڻن وارو لوڻ ڪائي، هو ان ڳالهه جي خاطري ڪري ٿو ته ڪيس ڪافور ۾ اوترن ٿي ٿلهن داڻن جهڙو ملندو. بورنيو ۾ ڪافور گولڻ وقت، اتان جا وحشي هڪ مقامي ڪجيءَ جي ٽڙ جي چمڙي جهڙي چوڏي مان ٽالهيءَ جو ڪم وٺندا آهن، ۽ جڏهن هو ڪافور گڏ ڪرڻ جي مهم تي هوندا آهن، تڏهن انهيءَ ٽالهيءَ کي پاڻيءَ سان نہ ڏوئندا آهن، متان ڪافور جا داڻا پنهنجي وڻ جي چيرن ۾ ڳري پاڻي ٿي وهي وڃن. ظاهر آهي ته هو ائين سمجهن ٿا ته ٽالهيءَ کي ڏوئڻ سان ڪافور جا داڻا به وڻ جي ٽڙ مان ڏوهجي ويندا. سيام جي هڪ صوبي لائوس جي مکيه پيداوار لاک آهي. اها جيز سيڙ وانگر ٿيندي آهي، جا ڪاڙهن جيتن مان پيدا ٿيندي آهي، جن کي اتان جا ٻاشندا هٿ سان وٽن جي ڪچڙين شاخن تي چنبڙائي چڏيندا آهن. جيڪي به انهيءَ سيڙ گڏ ڪرڻ جو ڏنڊو ڪندا آهن، سي غسل، ۽ خاص طرح هٿن ڏوئڻ، کان پرهيز ڪندا آهن، ته متان هٿن جي وارن ۾ چنبڙي پيل جيتن کي پاڻيءَ سان ڏوئي لاهڻ ڪري، وٽن جي شاخن ۾ چنبڙيل جيت به نہ هيٺ ڪري پون. وري هڪ بلڪ فٽ قبيلي جو ڪاڙهو هندستاني عقابن کي قاسائڻ لاءِ جڏهن چار وڃائيندو آهي ۽ پکيءَ جي انتظار ۾ ويٺو هوندو آهي، تڏهن جيستائين کو عقاب چار ۾ ڪونہ قاسندو آهي، تيستائين هو ڪلن جي مکڙين کائڻ کان پرهيز ڪندو آهي، ڇو ته هو سمجهندو آهي ته جيڪڏهن هن ائين ڪيو ۽ کو عقاب چار وٽ اچي سهڙيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سندس پيٽ ۾ پيل مکڑيون عقاب جي جسم ۾ اهڙي خارش پيدا ڪنديون، جو اهو جاءِ ۾ قاسيءَ بدران دور ڪان ويهي رڳو ٻاڻ ڪي ڪنهندو. انهيءَ ئي خيال جي مدنظر، عقابن جو شڪاري جيستائين شڪار تي هوندو آهي، تيستائين آرڪان ڪر ڪونہ ولندو آهي، چو تہ ڪر جي دوران ۾ هن جيڪڏهن آر سان ٻاڻ ڪي ڪنهي وڌو، تہ پوءِ يقيناً عقاب ٻ لاسارا ڏيئي هن ڪي اڇي ٿونگا هٽندا ۽ ڪيس رهڙي رتوچاڻ ڪري اڏامي ويڃي هليا ويندا ۽ جيڪڏهن عقابن جي شڪار جي دوران ۾، سندس گهر ۾ هن جي زالن يا ٻارن ٻاڻ ڪي آر سان ڪنهيو، تہ ٻ ساڳيوئي خطرناڪ نتيجو نڪرندو، ان ڪري هو جيستائين عقابن جي پٺيان هوندو آهي، تيستائين گهر وارن ڪي آر استعمال ڪرڻ ڪان سخت منع هوندي آهي، تہ متان ائين ڪرڻ سان شڪاريءَ ڪي ڪو جسماني ضرر پهچي.

وحشي جن ڪمن ڪرڻ ڪان پرهيز ڪندا آهن، تن سان شايد ٻيا ڪي ٻ ايترا گهٽا يا زياده اهميت واڙا ڪينهن، جيترا ڪن خاص ڪاڏن ڪائڻ ڪان پرهيز ڪرڻ جا ۽ انهن سان زياده‌تر پرهيزون صاف طور "هڪجهڙائيءَ جي قانون" جي تحت اختيار ڪيون ويندیون آهن، جنهنڪري اهي عام طرح منفي جادوءَ جا مثال آهن. جهڙي نموني هڪ وحشي ڪن خاص قسمن جي جانورن ۽ پوڻن ڪي غذا طور استعمال ڪري، انهن جي ڪن اهڙين خوبين جو مالڪ ٿيڻ چاهي ٿو، جي هو منجهن موجود سمجهي ٿو، ساڳئي نموني سان هو ڪن خاص جانورن ۽ پوڻن ڪي ڪائڻ ڪان پرهيز ڪري ٿو تہ متان هو انهن جون ڪي اهڙيون اڻ گهربل خصلتون اختيار ڪري وجهي، جي هو انهن ۾ موجود پائيندي ٿو. پهرئين قسم ڪي ڪائي، هو ٻاڻ تي گويا اثباتي جادو ڪري ٿو ۽ ٻوئين قسم ڪي ڪائڻ ڪان پرهيز ڪري، هو ٻاڻ تي گويا منفي جادو ڪري ٿو. اثباتي جادوءَ جا اهڙا انيڪ مثال اڳتي هلي اسان ڪي ملندا، هتي آءٌ فقط منفي جادوءَ جا ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال پيش ڪندس. مثال طور، مٿاڳاسڪر ۾ فوجين کي ڪن ڪاڏن استعمال ڪرڻ کان منع ٿيل هوندي آهي تہ متان نسبتي جادوءَ جي اصولن تحت، هو ڪن اهڙين خطرناڪ ۽ اڻ گهربل عادتن جا مالڪ ٿي پون، جي انهن خاص ڪاڏن ۾ موجود سمجهيون ويندیون آهن. ان ڪري هنن کي چاهي جو گوشت ڪائڻو ڪونہ آهي، "پو تہ اهو اڌيشو ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ان جانور کي خطري جي وقت گول مول ٿي ڪينهوءَ جي صورت اختيار ڪرڻ جي عادت هوندي آهي، تيئن متان ان جو گوشت ڪائيندڙ به ساڳيءَ طرح ڍڄن ۽ پنتي هڻڻ جي خطرناڪ خصلت اختيار ڪن."

ساڳيءَ ريت ڪنهن به سپاهيءَ کي ڏڳي جي گوڏي وارو گوشت نہ ڪائڻ ڪيو، متان ڏڳي جي گوڏن وانگر هن جا پنهنجا گوڏا به ڪمزور ٿي پون ۽ هو لڙائيءَ ۾ اڳتي قدم کڻڻ کان لاچار ٿي پوي. ازانسواءِ ڪوبہ جنگيَ جوڌو اهڙي ڪڙ جو گوشت نہ ڪائي، جو وڙهندي وڙهندي مارجي ويو هجي؛ نہ وري ڪنهن اهڙيءَ ٻيءَ شيءَ جو گوشت استعمال ڪري، جنهن کي نيزي سان ماريو ويو هجي؛ جيستائين هو ميدان جنگ ۾ برسر پيڪار هجي، تيستائين سندس گهر ۾ ڪوبہ نر جانور ذبح نہ ڪيو وڃي، چوتہ ظاهر آهي تہ جيڪڏهن هو اهڙي ڪڙ جو گوشت ڪائيندو جو وڙهندي مارجي ويو هوندو، تہ پوءِ هوبہ يقينا ميدان جنگ ۾ وڙهندي وڙهندي مارجي ويندو. جيڪڏهن هو ڪنهن اهڙي جانور جو گوشت ڪائيندو، جنهن کي نيزي سان ماريو ويو هوندو، تہ هو پاڻ بہ نيزي جو زخم کائي مري ويندو ۽ جيڪڏهن سندس غير موجودگيءَ ۾ گهر وارن ڪنهن نر جانور کي ذبح ڪيو هوندو، تہ هو خود ساڳئي نموني سان قتل ڪيو ويندو ۽ شايد بلڪل ساڳئي وقت. مثلاً گاميءَ فوجيءَ کي ٻڪين کائڻ کان دور رهڻ گهرجي، چوتہ مثلاً گاسي پوليءَ ۾ "ٻڪيءَ" لاءِ ساڳيوئي لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي، جو "گوليءَ" لاءِ ڪتب ايندو آهي. سو هو يقيناً گوليءَ جو شڪار ٿي ويندو، جيڪڏهن هو ٻڪيءَ (يعني گوليءَ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کائنڊ جي همت کندو.

پڙهندڙ کي معلوم ٿيو هوندو ته ممنوعات جي مٿين مثالن مان، کن ۾ جادوءَ جي اثر کي مفاصلي جي محتاجيءَ کان مبرا سمجهيو ويو آهي، مثال طور، بلڪ فٽ گاڙهن هندستانين ۾، عقابن جي شڪاريءَ جي زال ۽ بارن کي سندس غير موجودگيءَ ۾ آر سان ڪرڻ جي ان کري منع ٿيل آهي ته متان سندن وارث کي، دور کنهن جهنگ ۾، عقاب پنهنجن چنبن جو مزو چکائين. وري مثلاً گاسي فوجيءَ جي موجودگيءَ ۾ سندس گهر وارن کي کنهن به تر جانور کي ذبح ڪرڻ جي منع ٿيل آهي، ته متان جانور کي ذبح ڪرڻ کري، ميدان جنگ ۾ سندن پاڻي کنهن دشمن هٿان قتل ٿي وڃي. جادوءَ جي انهيءَ هر آهنگي اثر ۾ اعتقاد ته "شيون يا شخص گهٽي مفاصلي تان به هڪٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا" جادوءَ جي بنيادي وصفن مان هڪ وصف آهي. مفاصلي تان هن باهمي اثر اندازيءَ جي امڪان ۾ سائنس کي کيترو به کٽي شڪ هجي، پر جادوءَ کي ان ۾ کوبه شبهو کونهي، ٽيليپيٿيءَ (*Telepathy*) ۾ اعتقاد، جادوءَ جي بنيادي اصولن مان هڪ آهي. موجوده دور جو دعويدار ۽ داعي جيڪو چوي ٿو ته خيال جو اثر خيال تي مفاصلي جي بندش کان بي نياز ٿي ظهور پذير ٿئي ٿو، تنهن کي اها ڳالهه ڪم از ڪم هڪڙي وحشيءَ کي مڃائڻ ۾ ڪاب دقت پيش ڪانه ايندي، وحشيءَ جو ته انهيءَ ڳالهه ۾ قديم زماني کان وٺي اعتقاد رهندو پئي آيو آهي، نه فقط ايترو، پر وحشيءَ جو ته ان ۾ ابتدا کان وٺي اهڙو ته پختو ويساهه پئي رهيو آهي، جو، جيتري قدر مون کي معلوم آهي، سندس جديد دور جو هم-اعتقاد پاڻ، ايڏا تائين اهڙو ويساهه پاڻ ۾ پيدا کونه ڪري سگهيو آهي: جو ته وحشيءَ کي نه فقط هيءَ خاطري آهي ته جادوءَ جا ٽوٽا ٽيٽا مفاصلي جي باوجود ماڻهن ۽ شين تي اثر کن ٿا، پر هو ته ائين به مڃي ٿو ته روز مره جا رواجي ڪم ڪارين به اهڙي نموني ماڻهن تي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شين تي اثر انداز ٿين ٿا. ان ڪري ڪن اهڙن موقعن تي، دور ويٺل دوستن ۽ عزيزن کي اهڙن اهنجن قاعدن جي تعميل ڪرڻي پوندي آهي، جن جي پوئواري ڪرڻ کان غفلت ڪرڻ ڪري، هو ڪن غير حاضر دوستن يا عزيزن جي مصيبت يا موت جو باعث بڻجي سگهندا آهن. خاص طرح جڏهن ڪنهن قبيلي يا ڪٽنب جا ڪي مرد دور ڪنهن جنگ يا شڪار ۾ مشغول هوندا آهن، تڏهن سندن گهرن جي ياتين کي انهن جوڏن يا شڪارين جي ڪاميابيءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ڪم ڪرڻا پوندا آهن، ۽ ڪن کان ڪين پرهيز ڪرڻي پوندي آهي. آڳ هينئر انهيءَ جادوءَ واريءَ ٽيليپيٿيءَ (*Telepathy*) جي اثباتي ۽ منفي نوعيت جا چند عملي مثال پيش ڪندس.

لائوس ۾ جڏهن هاڻين جو شڪاري شڪار تي روانو ٿيڻ وارو هوندو آهي، تڏهن هو پنهنجيءَ زال کي پنهنجي غيرحاضريءَ ۾ وارن وڍڻ يا پنهنجي بدن کي تيل ملڻ کان سخت منع ڪندو آهي، ڇو ته جيڪڏهن هوءَ وار وڍيندي، ته هاڻي پنجوڙ جون رسيون ٽوڙي وجهندو، ۽ جيڪڏهن هوءَ تيل لائيندي، ته هاڻي پنجوڙ مان ترڪي نڪري ويندو. جڏهن ڏياڪ قبيلي جا ڪوٺاٽا جهنگلي سوئر جي شڪار لاءِ جهنگ جو رخ اختيار ڪندا آهن، تڏهن سندن غير موجودگيءَ ۾، پٽي رهيل ماڻهو تيل يا پاڻيءَ کي هٿ ڪونہ لائيندا آهن؛ ڇو ته جيڪڏهن هو انهن شين کي هٿن سان ڇهندا ته سندن شڪاري دوستن جا هٿ مڪڻ جهڙا نرم ۽ سٽيا ٿي پوندا ۽ انهن مان هنن جو شڪار ترڪي پچي ويندو.

مشرقي آفريڪا جي هاڻين جي شڪارين جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن سندن زالون سندن پرهٻ سائن بيوفائي ڪنديون، ته ان صورت ۾ هاڻيءَ کي پنهنجي تعاقب ڪندڙ کي مارڻ يا زخمي ڪرڻ جي طاقت ملي ويندي. ان ڪري جيڪڏهن کو شڪاري پنهنجيءَ زال جي بيوفائيءَ جي خبر پڏندو آهي، ته هو شڪار تي وڃڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ گهر موٽي ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن واڳو گو ٽبيلي جو شينهن جو شڪاري شڪار ۾ ناڪامياب ٿيندو آهي، يا مٿس ڪو شينهن حملو ڪندو آهي، تہ هو پنهنجيءَ ناڪاميابيءَ يا مصيبت کي پنهنجي زال جي بيوفائيءَ ڏانهن منسوب ڪري، ڪاوڙ ۾ ڀاڙهو ٿي گهر موٽي ايندو آهي. جيستائين هو شڪار تي هجي، تيستائين سندس زال کي گهرجي تہ پنهنجي پٽيان ڪنهن کي لنگهڻ نہ ڏئي، يا جيڪڏهن هوءَ ويئي هجي، تہ ڪنهن کي پنهنجي سامهون بيهڻ نہ ڏئي، بستري ۾ سمهي، تہ اونڌي ٿي سمهي. بولويا جي ٻوڪسوز قبيلي جي سرخ هندستانين جو به ساڳيوئي اعتقاد ڏوندو هو تہ جيڪڏهن شڪاريءَ جي غيرحاضريءَ ۾ سندس زال بيوفائي ڪئي هوندي، تہ ڪيس (شڪاريءَ کي) نانگ ڏنگيندو يا شينهن ماريندو. ان ڪري جيڪڏهن ڪيس کي اهڙي قسم جو حادثو ٿيو، تہ هوءَ هن جي زال جو خير ڪونہ هوندو هو، ۽ ان کي سخت سزا، جا گهٽو ڪري موت جي صورت ۾ هوندي هئي، پوڻ ٿي پوندي هئي. خواهہ اها قصوروار هوندي هئي يا نہ. ايلوشيا جو ساموئيدي لڏڻ جو شڪاري سمجهندو آهي تہ جيڪڏهن سندس غيرحاضريءَ ۾ سندس زال بيوفائي ڪندي، يا سندس پٽيان عصمت فروشي ڪندي، تہ هو هڪ ۾ جانور ڪونہ ڪاهائي سگهندو.

ميڪسيڪو جي ڀاڙهن هندستانين جو هڪ ٽوهر ڪي، جو ڪائوٽ واري کي خمار ڏيندو آهي، نمرديوتا سمجهندو آهي. اهو ٻوٽو سندن ملڪ ۾ ڪونہ ٿيندو آهي، پر ان کي ڪي ماڻهو ۴۳ ڏينهن جي مسافريءَ ڪري کان ٻوءِ جا خاص ان مقصد لاءِ اختيار ڪئي ويندي آهي، هٽ ڪري ڪئي ايندا آهن. ان وچ ۾ پٽيان گهرن ۾ سندن عورتون پنهنجي غيرموجود مردن جي سلامتيءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ تڪڙو ڪونہ گهمنديون آهن، ۽ جيستائين سندن مرد دوران سفر ۾ هوندا آهن، تيستائين هنن لاءِ ڏوڻ پائڻ تہ بلڪل ناجائز آهي. ازانسواءِ، هو انهن برڪتن حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪي سندن مردن جي انهيءَ مقدس مهر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجي ۾ يقيني طور برسات ۽ پرپور فصلن جي صورت ۾ کين نصيب ٿيڻ واريون هونديون آهن، خاطري ڪرڻ واسطي هو پاڻ تي گهر ويني اهڙيون ئي سخت بندشون ۽ پابنديون عائد ڪنديون آهن، جهڙيون باهر سندن مردن مٿان عائد ٿيل هونديون آهن. ازانسواءِ "ٽوهر جي ميلي" ٿيڻ تائين جيڪو به عرصو گذرندو آهي، تنهن جي دوران ۾ پنهي، مردن ۽ عورتن جي گروهن، کي، سواءِ ڪن خاص موقعن جي، غسل ڪرڻ هوندو آهي، غسل ڪندا به آهن، تہ فقط انهيءَ پاڻيءَ سان جيڪو انهيءَ مقدس ٻوٽي واري دور دراز علاقي مان گڏيل دفعي آندو ويو هو. کين روزا رکڻا پوندا آهن، ليڪ ڪائڻ کان پرهيز ڪرڻي پوندي اٿن، ۽ هرطرح سان پاڻ تي هو اهڙي قسم جو پيون سختيون ڪرڻ جائز سمجهندا آهن: جيڪو به ان قانون جي خلاف ورزي ڪندو آهي، سو نہ فقط ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿي پوڻو آهي، پر هن جي انهيءَ روش ڪري، سڄي قبيلي کي انهن سڀني برڪتن ۽ نعمتن کان محروم ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني ايڏو موتمار جدوجهد ڪندا آهن. ان ٽوهر کي جنهن کي "اگني ديويءَ جو ڪوزو" سڏيو ويندو آهي، ڪٿي ڪرڻ سان صحت، خوش نصيبي ۽ وڏي عمر عطا ٿيندي اٿن. پر جيئن تہ مقدس ۽ پاڪ ٻاهر جا ناپاڪ چيزن کي مستفيض نہ ڪري سگهندي آهي، ان ڪري مردن ۽ عورتن کي، نہ فقط ان وچ ۾ باعصمت ٿي گذارڻو پوندو آهي، پر کين گڏيل "گناهن" کان ٻن پاڻ کي پاڪ ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري مردن جي رواني ٿيڻ کان چار ڏينهن پوءِ، سڀني عورتون "ڏاڏيءَ ٻاهر" اڪٺيان جمع ٿي اقرار ڪنديون آهن تہ اهي ننڍپڻ کان وٺي ان ڏينهن تائين، ڪهڙن ڪهڙن مردن سان محبت ڪري چڪيون آهن. ان اقرار کندي کين هڪ يار جو نالو ٻ لکائڻ نہ گهرجي، چو تہ ان حالت ۾ سندن مردن کي، هڪ ٻ ٽوهر نصيب ڪونہ ٿيندو. ان ڪري اهڙن موقعن تي پنهنجن گناهن جي يادگيريءَ کي تازي رکڻ لاءِ هرهڪ عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ وٽ هميشه هڪ ڏاڪو رکندي آهي ۽ جيترن يارن ساڻ گذر ڪيو هوندائين اوترين انهيءَ ڏاڪي ۾ ڪنڊيون ڏنل هونديون اٿس. هوءَ اهو ڏاڪو سندر ۾ آڻي، باهم اڳيان ٻيهي، انهن سيني يارن جا نالا، هڪ هڪ ڪري، وڏي آواز سان ڪٽندي ويندي آهي، جن جو هن ڏاڪي تي حساب رکيل هوندو اٿس. اهڙي حسابي ڪتابي اقرار ڪرڻ کان پوءِ، هوءَ اهو ڏاڪو باهم ۾ اڇلائيندي آهي، ۽ جڏهن اڳني ديوي ان ڏاڪي کي پنهنجن پاڪ شعلن ۾ پسر ڪري ڇڏيندي آهي، تڏهن سندس سڀ گناهه معاف ٿي ويندا آهن، ۽ هوءَ دلجمعيءَ سان گهر ويندي آهي. ان کان پوءِ عورتون مردن کي پنهنجي پاسي ۾ ٻه لنگهڻ ڪونه سهنديون آهن. جيڪي مرد ٽوهر گڏ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن، سي ٻه ساڳئي طريقي سان پنهنجن اوڻاين ۽ ڪمزورين جو اعتراف ڪندا آهن. اهي ٻه پاڻ سان اهڙي قسم جو دفتر ڪنيو گهمندا آهن، ۽ هر سينڊيءَ لاءِ وڻن ٻ هڪ ڪنڊ بدل هوندي آهي، ۽ "پنجن ٿي هوائن سان ڳالهائڻ بعد"، هو پنهنجن گناهن جي مالها پنهنجي اڳواڻ جي سپرد ڪندا آهن، جو ان کي باهم جي شعلن جي نذر ڪندو آهي.

سڀراواڪ جي مقامي قبيلن سان گهڻن جو اهو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن زالون پنهنجن مڙسن جي غير حاضريءَ ۾، جڏهن هو پاڻي ۾ ڪافور ڪنو ڪرڻ ويندا آهن، بيوفائي ڪنديون، ته انهن جو گڏ ڪيل ڪافور اڏامي ويندو. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن عورتون بيوفائي ڪنديون آهن، تڏهن سندن مڙسن کي جهنگ ۾ ٿي وڻن جي ڪن خاص ڪنڊين سان اها حقيقت معلوم ٿي ويندي آهي. جيو وجي ٿو ته اڳين ڏينهن ۾ ڪيترين ئي زالن کي سندن حاسد مڙسن وڻن جي اهڙين ڪنڊين جي شهادت تي قتل ڪري ڇڏيو. ازانسواءِ جيستائين سندن مرد ڪافور ڪٽي ڪرڻ جي مهر تي ويل هوندا آهن، تيستائين پٽيان عورتون ڪٽيءَ کي هٿ لائڻ جي همت ڪونه ڪري سگهنديون آهن. جو ته ائين ڪرڻ سان وڻن جي ٽڻن واري ڪاٽ جا تندا، قيمتي ڪافور جي داڻن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرجھ بجاءِ ڪٿيءَ جي ڏنڊن وانگر وچ ۾ خالي رهجي ويندا آهن. ڪيوگائڊا جي ڏکڻ الهندي طرف، ڪن ٻيٽن ۾، جڏهن ٻه ڪو ٻيڙو دور دراز سفر اختيار ڪرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن ان جي روانگي ٿيڻ شرط ڪناري جي انهيءَ حصي کي، جتيءَ اهو ٻيڙو بيٺل هو، جيترو جلد ٿي سگهندو آهي اوترو جلد ڪجين جي پٿن سان ڍڪيو ويندو آهي. ۽ ان کان پوءِ ڪنهن کي به ساحل جي انهيءَ حصي کي ٻيڙي جي واپس ورڻ تائين اورانگهڻ جي تاڪيد لتاڙڻ لنگهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي، جو اهو ڏکر مقدس سمجهيو ويندو آهي: ۽ ٻيڙي جي واپس اچڻ کان اڳ ان کي اورانگهڻ ۽ ان تي پير رکڻ سان جهاز جي ٻڏڻ جو يقين هوندو آهي. ان کان علاوه، سفر جي دوران ۾ ڪن يا چٽن چوڪرين کي، جي ان ڪم لاءِ خاص طور منتخب ڪيون ويندڙون آهن، جهاز جي سلامتيءَ ۽ سفر جي ڪاميابيءَ خاطر، پنهنجيءَ محبت آميز روش سان ٻيڙي جي خلاصين سان يارانو قائم رکڻو پوندو آهي. ڪنهن به صورت ۾، سواءِ ڪنهن خاص ضروري مطلب جي، ڪنهن اها ڪوشش نه ڪڻي هوندي آهي، جيڪا ڪنهن ان ڪم لاءِ خاص طور ڏني ويندي آهي. ان کان سواءِ جيترو وقت به ٻيڙو سمنڊ ۾ هاڪاريندو رهندو آهي، اوترو عرصو ڪنهن پنهنجن تڏن ۾، گوڏن جي وچ ۾ هٿ ٻڌي، هڪ هنڌ ساڪت ۽ جامد رهڻو پوندو آهي ـ نه ساڄي طرف منهن ڦيرائڻو اٿن ۽ نه ڏاڻي طرف، نه وري جسم کي ڪا بي حرڪت ڏيڻي اٿن، جيڪڏهن هو ڪا به حرڪت ڪندڙون، ته ٻيڙو اونڌو ٿيندو رهندو، نه وري ڪنهن کي لڳ لڳدار ڪاڏو، مثلاً ناريل جي ڪير ۽ رڌل چانور، وغيره، ڪائڻو آهي، جو ته ان طرح ان کاڏي جو ڇيڙهه سمنڊ ۽ ٻيڙي جي رستي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري وجهندو. جڏهن ٻيڙو ڪٽي لنگر انداز ٿيندو آهي، تڏهن اوترو وقت انهن قانونن جي سخت نوعيت ۾ هڪ حد تائين نرمي ايندي آهي. ۽ جيسين ٻيڙي جو مجموعي سفر جاري رهندو آهي، تيسين چوڪرين کي تڪڙ ڪنڊن ۽ ڏنگن واريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي۽ کائنڪ کان سخت منع ٿيل هوندي آهي، جو تہ ان مان اهو انديشو رهندو آهي، تہ متان سمنڊ تي سندن دوستن کي ڪنهن تيز ۽ ڏنگيندڙ مصيبت جو مقابلو ڪرڻو پوي.

جتي اهڙا عقيدا عام جام هجن تہ "دوري۽ جي باوجود دوستن جي درميان هم آهنگي۽ جو رابطو قائم رهي ٿو" آتي اسان کي اهو تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ جنگ جا انسان جي نازڪ ترين جذبات کي ايڏي ۽ ڪنهن خاص انداز سان متحرڪ ڪرڻ جي هڪ دلدوز ۽ دلنواز ڪار آهي، تنهن جي دوران ۾ پوئتي عزيز دوست ۽ ساٿيءَ انهي۽ هم آهنگي۽ جي رابطي جي طفيل ميدان جنگ ۾ پنهنجن وڙهندڙ دوستن ۽ عزيزن جي اوسيڙي ۽ انتظار ۾ جي ڪنهن به وقت موت جو شڪار ٿي سگهن ٿا، سندن خيرعافيت ۽ سلامتيءَ لاءِ پنهنجي طرفان چا چا نہ ڪري گذرڻ لاءِ هروقت آماده رهي سگهن ٿا! ان ڪري اهڙن انساني فطرت جي عين مطابق ۽ قابل تعريف نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ گهر ويڙهل دوست ۽ عزيز اهڙين ترڪيبن اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ٿين ٿا، جي انسان کي قياس جوگيون يا احمقانہ تہ ضرور نظر ايندیون، پر خود انهن پوئتي رهيل عزيزن ۽ دوستن کي قابل قياس سمجهون يا احمق شمار ڪريون، تنهن ڪالهہ جو داروسدار هن تي وڃي ٻيهندو تہ ايسين سندن اصل مقصد تي نظر نہ ڪريون ٿا يا ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو جيڪي ترڪيبون اختيار ڪن ٿا، تن تي غور ٿا ڪريون. چنانچہ بورنيو جي وحشي ڏياڪ قبيلي جو ڪو فرد جڏهن دشمنن جي گردن زدنيءَ جي مهم تي ويل هوندو آهي، تڏهن سندس زال، يا جيڪڏهن هن جي شادي ٿيل نہ هوندي آهي تہ سندس پيءُ، کي رات ڏينهن پاڻ سان ترار رکڻي پوندي آهي، تہ جيئن هو جنگ تي ويل جوان هروقت پنهنجن هٿيارن جو خيال ڪندو رهي، تنهن کان سواءِ نہ ڏينهن جو ننڊ ڪندي، نہ رات جو، ڀرپات جي باکن ڪان اڳ سمهندي، متان سندس سڙس يا پاءُ جو دشمن ان مٿان ننڊ جي حالت ۾ اچي ڪڙڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀراوا جي هائننگ علائقي جي سامونڊي ڏياڪ قبيلي وارا جڏهن ڪنهن جنگ تي ويندا آهن، تڏهن سندن زالون انهن جي پويان تمام اهنجن ۽ سخت قانونن جي پوئواري ڪنديون آهن. انهن قانونن مان ڪي اثباتي هوندا آهن، ته ڪي منفي. پر اهي سڀيئي قانون جادوءَ جي نسبتي اصولن ۽ ٽيليپيٿيءَ (*Telepathy*) تي مبني هوندا آهن، جن مان ڪي هي آهن. زالن کي صبح جو سوير اٿي، روشنائي نمودار ٿيڻ کان اڳ، گهرن جون دربون کولڻيون پونديون آهن، نه ته سندن جنگ تي ويل مرد ميدان جنگ ۾ دير تائين ستا رهندا. زالن کي مٿي ۾ تيل نه وجهڻ گهرجي، نه ته سندن مرد وڙهندي وڙهندي ترڪي پوندا. زالن کي ڏينهن جو ننڊ ڪرڻ يا جهوٽا کائڻ نه گهرجن، چوته ائين ڪرڻ سان سندن مردن تي پيشقدمي ڪرڻ وقت غنودگي چانئجي ويندي. زالن کي هر روز مڪائيءَ جا ڦلا ڏاهڻ گهرجن ۽ روزانو صبح جو انهن کي گهر جي ايوان ۾ اڇلائڻ گهرجي، جو ائين ڪرڻ سان سندن مرد چست ۽ چالاڪ رهندا. گهر جي سيني ڪوٺين کي تمام صاف ۽ سيني صندوقن ۽ ٽپڙن کي ديوارين سان لڳائي رکڻ گهرجي، چوته جيڪڏهن گهر جو ڪو پاتي انهن تان ٽاپو کائي ڪري پوندو، ته غير حاضر مرد ۾ ٽاپو کائي ڪري پوندا ۽ اهڙيءَ طرح دشمن جي آڏو مجبور ٿي پوندا. هر ڪاڏي کان پوءِ برتن ۾ ٿورا چانور باقي ڇڏڻ گهرجن، ته جيئن سندن مردن کي خوراڪ ملندي رهي ۽ هو ڪڏهن به بک جو شڪار نه ٿين. ڪنهن به صورت ۾ عورتن کي چرخي تي ايتريءَ دير تائين نه وهڻ گهرجي، جو سندن ڳنگون ڪڙجي وڃن، چوته ائين ڪرڻ سان سندن مردن جا سڌ به جمي پوندا ۽ اهي تيزيءَ سان نه اٿي سگهندا ۽ نه دشمن جي حملي کان پري پهچي سگهندا. ان ڪري پنهنجن مردن جي سڌڻ کي متحرڪ رکڻ لاءِ، زالون چرخي تي ڪتي ڪتي، ٿوريءَ ٿوريءَ دير کان پوءِ، آٿي گهر جي ايوان ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمنديون ڦرنديون آهن. ازانسواءِ کين پنهنجو منهن نه ڍڪڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي، نہ تہ سندن مرد اوچي گاهہ يا جهنگ وچان رستو نہ لهي سگهندا. وري زالن کي سئيءَ سان سيبو ۽ نہ ڪرڻ گهرجي، چو تہ سندن مردن جي راهگذر ۾ انهن جي دشمنن جيڪي وڏا ڪنڊا وڇايا هوندا، سي انهن جي پيرن ۾ ڇينداء ڪنهن ۽ جوڏي جي عورت، جيڪڏهن سندس خير حاضريءَ ۾ بيوفائيءَ ڪندي، تہ سندس مڙس دشمن جي ملڪ ۾ مارجي ويندو. ٽورائي سال اڳ بانٽنگ جون عورتون، پنهنجن مڙسن جي سلامتيءَ خاطر، هنن ۽ ٻين ڪيترن اهڙن قانونن تي ان وقت تائين عمل ڪندیون رهيون، جڏهن اهي انگريزن سان همراهہ ٿي باغين جو مقابلو ڪري رهيا هئا. پر افسوس! انهن جون اهي پيار ڀريون حفاظتي تدبيرون ڪين ڪنهن ڪم ڪونہ آيون، چو تہ ڪيترن ماڻهن کي، جن جون وفادار زالون گهر ويٺي ائين سندن حفاظت ڪندیون رهيون، آخرڪار هڪ سپاهيءَ جي قبر ئي نصيب ٿي.

ٽمور جي ٻيٽ ۾ جيستائين جنگ هلندي رهندي آهي، تيستائين وڏو پادري مندر جي ٻچر ڪونہ چڙيندو آهي، سندس ڪاڏو يا تہ ٻاهران آندو ويندو آهي يا مندر اندر ئي ڇڏيو ويندو آهي. رات ڏينهن ڪيس ٻاهر جي مڇ کي زنده رکڻو پوندو آهي، چو تہ جيڪڏهن مڇ وسامي ويندو تہ ميدان جنگ ۾ وڙهندڙ جوانن مٿان ڪا آفت نازل ٿيندي ۽ اها تيسين کين ستائيندي رهندي، جيسين آتشدان سرد رهندو. ازانسواءَ جيسين فوج ٻاهر جنگ تي هوندي، تيسين هن کي فقط گرم پاڻي پيئڻو پوندو آهي، چو تہ ڏڻي پاڻيءَ جو هر هڪ ڏڪ سپاهين جي هوش کي سرد ڪندو رهندو ۽ هو دشمن تي ڪاميابي ڪونہ حاصل ڪري سگهندا. "کي" نالي ٻيٽن ۾ جڏهن جنگي جوان ميدان جنگ ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن، تڏهن زالون گهرن ۾ اندر هليون ويندیون آهن، جتان وري کي ٽوڪرا ڪٽي ٻاهر ايندیون آهن، جن ۾ ڪجهہ قل ۽ پٿر پيا هوندا آهن. انهن پٿرن ۽ قلن کي اهي سٽيو ڪري، هڪ تختي تي رکنديون آهن ۽ ساڳئي وقت هيٺن چوندیون آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اي آقا، سورج ۽ چنڊ! شل اسان جي مڙس، پائرن يا مڱيدن ۽ پين عزيزن جي جسمن تان دشمن جون گوليون اُئين ترڪي وڃن، جيئن هنن ميون ۽ پٽرن تان، جن کي تيل ۽ تر ڪيو ويو آهي، برسات جون بوندون ترڪي هيٺ ڪرنديون آهن!" پهرين گولي جي آواز ٻڌڻ سان سپيئي زالون اهي ٽوڪرا پري ڪري رکنديون آهن، ۽ هرهڪ پنهنجو پڪو پڪڙي، گهر کان باهر ڊوڙندي آهي. پوءِ دشمن جي طرف ڏانهن اشارو ڪري، هو پنهنجا پڪا لوڏينديون، هي گيت گائينديون، گوٺ جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڊوڙنديون وتنديون آهن: "اي سونهري پڪا! شل اسان جون گوليون نشان تي لڳن ۽ دشمن جون خطا وڃن!" هن رسم ۽ پٽرن کي ان مقصد لاءِ چرب ڪرڻ جو رواج، ته جيئن سندن مردن جي جسمن تان گوليون اُئين ترڪي وڃن جيئن پٽرن تان برسات جون بوندون ترڪي ويندیون آهن، خالص نسبتي يا نقالي جادوءَ جو عمل آهي، ۽ سچ جي اها پوڄا ته هو سندن لوٽي کي موٽر ٻڌائي، هڪ مذهبي عمل آهي، جو شايد بعد جو اضافو ٿيل آهي. پکن لوڏڻ جو عمل ۽ دشمن جي گولين کي پاڻ کان پري ڪرڻ ۽ پنهنجن گولين کي دشمنن ڏانهن موڪلڻ لاءِ جادوءَ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو.

مٽيا گاسکر جو هڪ قديم تاريخ نويس لکي ٿو ته "اتان جا سپاهي جيستائين جنگ تي هوندا آهن، تيستائين گوٺ جون زالون ۽ چوڪريون نچڻ کان بس ڪونه ڪنديون آهن، نه ليٽنديون آهن ۽ نه پنهنجن گهرن ۾ ڪاڏو ڪائينديون آهن. انتهائي جنسي خواهش هڻڻ جي باوجود، جيستائين سندن مرد جنگ تي هوندو آهي، تيستائين هو ڪنهن به قيمت تي غيرمرد سان سازش ڪاٽ ڪنديون، چو ته سندن پختو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن هو اُئين ڪنديون ته سندن مرد ميدان جنگ ۾ يا ته زخمي ٿي پوندو، يا مارجي ويندو. هنن جو اهو به ايمان آهي ته تاج ذريعي هو پنهنجن مردن ڏانهن طاقت، همت ۽ خوش‌قسمتي موڪلينديون رهن ٿيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کري اهڙن وقتن تي هو پاڻ کي آرام يا آسائش ڪرڻ جي اجازت کان ڏيندیون آهن ۽ اها رسم هو هڪ پختي مذهبي اعتقاد طور پوري ڪندیون رهندیون آهن."

گولڊ ڪوسٽ جي ٽشي پولي ٻالهائيندڙن جا مرد ماڻهو جڏهن فوجن سان گڏ ميدان جنگ ۾ هوندا آهن، تڏهن سندن زالون پنهنجي جسم کي سفيد پوچي لڳائي، پاڻ کي تعويذن، مٽين ۽ موتين سان سينگاريندیون آهن. جنهن ڏينهن جنگ چڙهڻ جو امڪان هوندو آهي، ان ڏينهن اهي بندوقون يا اهڙيون ليبون، جن کي بندوقن جي صورت ڏني هوندي آهي، کٽي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙنديون وتنديون آهن ۽ ساوا پاڙا (هنداڻي سان ڪجهه قدر مشابهت رکندڙ ڦل) کٽي، انهن کي چاقن سان ائين ٽڪر ٽڪر ڪنديون آهن، جڻ ته دشمنن جا سر لاهي رهيون آهن. اهو گنگونائڪ، لاشڪ نقالي جادوءَ جو ٽوٽو آهي، ۽ ان جو مقصد مردن کي اهڙيءَ طاقت بخشڻ جو هوندو آهي، جنهن جي زور تي هو پنهنجن دشمنن کي اهڙي نموني وڍي سگهن، جيئن سندن زالون ساون 'پا-پائن' کي وڍيندیون آهن. اولهه آفريڪا جي فريمن شهر ۾، ڪافي سال اڳ جڏهن اشانتي قبيلي وارن سان جنگ جاري هئي، مسٽر فزجيرالڊ سيرئٽ* انهن زالن جو هڪ ناچ ڏٺو، جن جا مڙس باربردارن جي حيثيت ۾ جنگ تي ويا هئا. سندن سڄي جسم تي سفيد رنگ لڳل هو ۽ سواءِ پيٽي ڪوٽ جي، ٻيو ڪو ڪپڙو بدن تي ڪونه هون. انهن جي اڳواني هڪ اهڙي ڪوڪ ڪراڙي جادوگرياڻي ڪري رهي هئي، جنهن کي سواءِ نهايت مختصر پيٽي-ڪوٽ جي ٻيو ڪو ڪپڙو ٻيل ڪونه هوءِ هن جا وار عجيب طرح ويڙهيا سيڙهيا، سگ وانگر پيشانيءَ کان باهر نڪتا پيا هئا، ۽ سندس سياه صورت، چاتيون،

* انگريز بادشاه هينري ستين جي دور حڪومت جو هڪ آفيسر سردار، جنهن آئرلينڊ تي فرانس جي قبضي ڪرائڻ لاءِ سازش ڪئي، پر پڪڙجي ٻيو ۽ لنڊن جي ٽاور ۾ مري ويو-۱۵۳۶ ۾ جائوٽ موت جي اصلي تاريخ نامعلوم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هانهون ۽ ٽنگون سفيد رنگ جي گول ۽ هلالي نشانن سان جهنجهيون پيون هيون. سيني زالن جي هٿن ۾ گهوڙن يا مينهن جي ڇڻ جي وارن مان ٺهيل ڏگها ٻهارا هئا، سيئي نچندين ۽ هيٺ ڳائيندين پئي ويون: "اسان جا مڙس اشانتين کي روڳ زمين تان ٻهاري ڇڏين!"

برٽش ڪولمبيا جي ٽامسن قبيلي وارن ڳاڙهن هندستانين ۾ اهو رواج هوندو هو ته جڏهن مرد جنگ تي ويل هوندا هئا، تڏهن عورتون ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ناچ ڪندين رهنديون هيون. انهن جو اعتقاد هو ته انهن ناچن ڪري سندن مردن لاءِ مهم جي ڪاميابيءَ جي خاطري رهندي. نچندڙ عورتون چاقو قيرائيندين رهنديون هيون، يا سنهيون نوڪدار لڪيون اڳتي اڇلائيندين هيون، يا وري مڙيل چيڙن واريون لڪيون اڳتي ۽ پوئتي ڪندين رهنديون هيون. لڪين کي اڳتي اڇلائڻ، دشمن کي چيرڻ يا ان جي حملي کي ناڪاره بنائڻ جي علامت هوندي هئي، ۽ انهن کي پٺتي ڇڪڻ، پنهنجن ماڻهن کي خطري کان ڇڪي پوئتي ڪرڻ جي علامت هئي. لڪ جي چيڙي وٽ جيڪو موڙ هوندو هو، سو خاص طور حياتي-بچائيندڙ اوزار جي لحاظ کان ڏاهپو ويندو هو. عورتون هميشه پنهنجن انهن هٿيارن جو رخ دشمن جي ملڪ ڏانهن ڪنديون هيون. پنهنجن منهن کي سرخ رنگ لڳائي، هو نچڻ سان گڏ ڳائيندين ۽ رهنديون هيون، ان سان گڏ هو پنهنجن هٿيارن کان دعائون پنديون رهنديون هيون ته اهي سندن مڙسن جي حفاظت ڪن ۽ ڪين گهٽن دشمنن کي قتل ڪرڻ ۾ مدد ڏين. ڪي وري پنهنجن لڪين کي عقاب جا ڪنپ لڳائيندين هيون. ناچ جي خاتمي کان پوءِ، هٿيارن کي لڪايو ويندو هو. جيڪڏهن ڪا عورت، هٿيار کي ٻاهر ڪڍڻ وقت شڪبي هئي ته ان تي وار يا چمڙيءَ جو ٽڪر چنبڙيو پيو آهي، ته پوءِ هو سمجهندي هئي ته سندس مڙس ڪنهن دشمن جي جان ورتي آهي، ۽ جي هوءَ شڪبي هئي ته ڪيس ان تي رٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو داغ لڳل نظر آيو، تہ هوءَ فرض ڪري وٺندي هئي تہ هو زخمي ٿيو آهي يا ماريو ويو آهي. ڪئليفورنيا جي ڪوڪي قبيلي وارن جا مرد جڏهن جنگ تي ويل هوندا هئا، تڏهن انهن جي غيرموجودگيءَ ۾ سندن زالون ننڍ ڪوڻ ڪنديون هيون، اهي گول چڪر جي صورت ۾ مسلسل نچنديون، گائينديون ۽ پنن واريون ٽاريون لوڏينديون رهنديون هيون، چو تہ اهي چوندیون هيون تہ جيڪڏهن هو سڄو وقت نچنديون رهيون، تہ سندن مڙس جنگ ڪندي ڪندي ڪڏهن ب ٻڪين ٿڪبا. ڪئين شارلوٽ پيٽن جي ڪاڙهن هندستانين جي هائڊا قبيلي وارن ۾ اهو رواج هوندو هو تہ جڏهن انهن جا مرد جنگ ڪرڻ لاءِ ويندا هئا، تہ گهرن ۾ زالون صبح سوير اڻي جنگ جو سانگ رچائينديون هيون، ۽ پنهنجن هارن مٽان ڪيري، انهن کي غلامن جي حيثيت ۾ پڪڙڻ جو ڏونگ ڪنديون هيون. سندن اعتقاد هو تہ ائين ڪرڻ سان سندن مردن کي جنگ تي ساڻيءَ ڪاروائي ڪرڻ ۾ مدد ملندي. جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مڙس جي غيرموجودگيءَ ۾، جڏهن هو جنگ تي ويل هوندو، ساٿس بيوفائي ڪندي، تہ جنگ ۾ هن جي قتل ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي ويندو. مڙس جي روانيءَ ٿيڻ کان پوءِ سيئي عورتون ڏهن راتين تائين پنهنجا مٿا انهيءَ پاسي ڪري سمهنديون هيون، جنهن پاسي سندن مڙس پنهنجن جنگي پيڙين ۾ سوار ٿي ويا هوندا. ڏهن راتين کان پوءِ، اهي پنهنجو رخ تبديل ڪنديون هيون، چو تہ ان وقت تائين جنگي جوڌا سمنڊ تان واپس پنهنجن گهرن ڏانهن وري چڪا هوندا. ساميت وٽ، هائڊا قبيلي جون عورتون تيستائين نچنديون ۽ جنگي گيت گائينديون رهنديون هيون، جيستائين سندن مرد جنگ ۾ مصروف هوندا هئا، ۽ ڪين گهر ۾ پنهنجا سڀ ٽپڙ ٽاڙي هڪ مخصوص ڍنگ سان ٽاهي رکڻا هوندا هئا. انهن جو خيال هو تہ عورت جي هٿان اهڙين رسمن جي پوڙواري نہ ڪرڻ ڪري، مڙس جي مارجي وڃڻ جو انديشو هو، ۽ ان حالت ۾ مڙس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جي ذميداري گويا عورت جي گردن تي هئي. اورينوڪو جي ڪئريب قبيلي جي گاڙهن هندستانين جو گروهه جڏهن جنگ تي ويل هوندو هو، تڏهن سندن دوست، جي پٺيان گهرن جي حفاظت لاءِ رهيل هوندا هئا، انهيءَ گهڙيءَ جو حساب لڳائيندا هئا، جڏهن سندن دوست پنهنجن دشمنن تي پيشقدمي ڪري انهن تي حملي ڪرڻ جا سانباها ڪندا هوندا. ان وقت هو بن چوڪرن کي هڪ ٻيڙي تي اونڌو سمهاري، سندن اگهاڙين پٺين تي خوب چهڪ وسائيندا هئا. نوجوان چوڪرا اها تعدي بغير ڪنهن چون چرا ڪرڻ جي برداشت ڪندا هئا، چو ته کين بالڪپڻ کان وٺي، ان ۾ يقين هوندو هو ته انهيءَ وحشي آزمائش مان پار پوندي، هو جنهن استقلال ۽ جوانمرديءَ جو مظاهرو ڪندا، تنهن تي جنگ ۾ سندن رفيقن جي جوانمرديءَ، طاقت ۽ ڪاميابيءَ جو انحصار رهندو.

جن مختلف نيڪ ۽ مفيد ڪمن لاءِ انسان جي هن گمراهه عقلمنديءَ نسبتي يا نقالي جادوءَ جي اصولن کي استعمال ڪيو آهي، تن مان هڪ هيءَ آهي ته وڻن ۽ ٻوٽن کي سند تي ڀرپور ميوا ۽ ڦل قول عطا ڪيا وڃن. ٿورنجين علائقي ۾ فلڪس پوکيندڙ ماڻهو، انهيءَ ٻوٽي جو ٻج هڪ اهڙيءَ ڊگهي ٽيلهيءَ ۾ ڪٽي هلندو آهي، جا سندس ڪلهن کان ولي گوڏن تائين لٽڪندي رهندي آهي ۽ ساڳئي وقت هو وڏيون وڏيون ٻرانگهون پائي گهمندو آهي، ته جيئن سندس پٺيءَ تي ٻيل ٻجن واري ٽيلهي هيڏي هوڏي لڏندي رهي. ان جو مقصد هي هوندو آهي ته فلڪس جا ٻوٽا ايترا ڊگها ٿين، جو هو ٻ هوا ۾ ساڳيءَ ريت جهومندا رهن. سوباترا جي اندروني علائقن ۾ چانورن جو ٻج زالون پوکيندڙيون آهن ۽ ٻج ڇڻڻ وقت اهي پنهنجا ڊگها وار کولي پٺيءَ تي اڇلائي ڇڏيندڙيون آهن، ته جيئن سارين جا ڪانا ڊگها ٿين ۽ ان جهجهو ڪن. ساڳيءَ ريت قديم ميڪسيڪو ۾ "ڪائي ديويءَ" يا "ڊگهن وارن واريءَ ماءُ"، جيئن اتان جا مقامي باشندا ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيندا هئا، جي اعزاز ۾ هڪ ميلو منعقد ڪيو ويندو هو. اهو ان وقت ڪيو ويندو هو، "جڏهن مڪائيءَ جو ٻوٽو ٻنهنجي پوري قد تي ٻهڪي ويندو هو ۽ سائي سنگ جي چوڻيءَ وٽان ٻُوجر ڪري نروار ٿي اعلان ڪندا هئا ته سنگ اندر آن ٻِرجي پڪو ٿي چڪو آهي. جشن جي دوران ۾ اتان جون عورتون ٻنهنجا ڏُکيا وارکولي انهن کي هيڏي هوڏي جهولي، ناچ ڪنديون هيون، جا ان ميلي جي خاص خوبي هوندي هئي، هو اهو انهيءَ لاءِ ڪنديون هيون ته جيئن مڪائيءَ جا سنگ اناج سان ڀرپور ۽ ان جا دانا وڏا ۽ ويڪرا ٿين، ۽ ماڻهو سکيا ستابا ٿين."

يورپ جي ڪيترن علائقن ۾ پوکن کي وڏي قد بخشڻ لاءِ اڄ ڏينهن تائين نچڻ ۽ هوا ۾ لينگ ٽپا ڏيڻ نسبتي جادوءَ جا بهترين تسليم ٿيل ڍنگ آهن. اهڙيءَ طرح فرانچي-ڪوينٽي علائقي ۾ چوندا آهن ته پنگ کي اوچي ڪرڻ لاءِ ڪارنيوال (شاهي جشن) ۾ نچڻ گهرجي.

ملايا جي هڪ عورت جي ڳالهه مان انهيءَ نظريي جي وضاحت ٿئي ٿي ته ماڻهو ٻنهنجي عمل يا ڪيفيت ذريعي ٻوٽي کي نسبتي اصول موجب متاثر ڪري سگهي ٿو. هن ڪان جڏهن. ٻڇيو ويو ته لاباري ڪرڻ وقت هوءَ ٻنهنجي جسم جي مٿين حصي کي اگهاڙو ڇو ٿي ڪري، تڏهن هن اهو جواب ڏنو ته هوءَ سارين جي توتڙن کي سنهي ڪرڻ خاطر اها ڪارروائي ڪندي آهي، ڇو ته هوءَ ڏاهن توتڙن واري سارين کي چڙهيندي چڙهيندي ٿڪجي پئي هئي! صاف ظاهر آهي ته هوءَ ائين سمجهي رهي هئي ته لاباري وقت هوءَ جيترا ٿورا ڪپڙا پائيندي، اوترا سنها توتڙ سارين تي چڙهندا. حاملہ عورت منجهه پين چيزن کي ۽ پاڻ وانگر سائي ڪرڻ جي جادوءَ جهڙي خاصيت آهي، تنهن کي بويريا ۽ آسٽريا جا ڪڙمي عام طور تسليم ڪندا آهن، انهن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ميوبدار وڻ جو پهريون ڦل ٻار واريءَ عورت کي کائڻ لاءِ ڏجي، ته اهو وڻ ايندڙ سال جام ميوو ڇڏيندو. ٻئي طرف بيگندا قبيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جو اعتقاد آهي تہ هڪ سنڌ عورت پنهنجي ٻي بهروڀريءَ سان مڙس جي باغ کي ٻ متاثر ڪري ٿي— اڃا يقدر، جو هوءَ وڻن کي ميوي ڏيڻ کان محروم ڪري چڏي ٿي، ان ڪري سنڌ عورت کي آتي عموما طلاق ڏني ويندي آهي. يوناني ۽ رومي، زمين کي ٻلي ۽ ان جي داڻي کي سنگ ٻ سڃائڻ خاطر، اناج ۽ ڏرتيءَ جي ديوين کي حاملہ جاندارن جون قربانيون ڏيندا هئا. اورينوڪو جي ڪاڙهن هندستانين وٽ جڏهن هڪ ڪٿولڪ پادريءَ احتجاج ڪيو تہ هو ننڍن ٻارن وارين زالن کان، جن جي چاتين سان ٻار چهٽيا رهن ٿا، سڄ جي بيترس گرميءَ ٻ ڇڇ ڇڻائڻ جو ڪم ڇوٽا وٺن، تڏهن قبيلي:جي مردن ڪيس ورائي ڏني، "بابا سڳورا، توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ ٻارن ڇڻ تي عورتون هريل آهن، ۽ نہ اسين مرد! جڏهن عورتون ڇڇ ڇڏين ٿيون، تہ نڪائيءَ جي هڪ ڪاني مان ٻ چار سنگ نڪرن ٿا، پوءِ جي ٻاڙ مان ٻ چار ٽوڪرا پرجي نڪرن ٿا، ۽ هر هڪ شيءَ پنهنجي پنهنجي طاقت کان وڌيڪ وڌي ويجهي ٿي. ائين ڇو؟ فقط ان ڪري جو عورتن کي ڇڻ جي خبر آهي ۽ انهن کي اها ٻ خبر آهي تہ جنهن ڇڇ کي اهي پنهنجي هٿن سان ڇڏين ٿيون، اهو ڇڇ ڪيئن ڦٽي، وڌي ويجهي، ۽ ڦل پيدا ڪري. ان: ڪري انهن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي، انسان مردن کي انهن جي اڏ جيتري ٻ ڄاڻ ڪانهي."

اهڙيءَ طرح نسبتي جادوءَ جي نظريي موجب، انسان پنهنجن چگن يا برن فعلن يا حالات مطابق نباتات جي پيداوار تي نيڪ يا بد اثر وجهي سگهي ٿو. مثال طور، هڪ سائي ۽ ڇٽيندڙ عورت وڻ کي ٻ سائو ۽ آباد ڪري ٿي ۽ هڪ سنڌ عورت وڻ کي بي ثمرو بڻائي ٿي. ان ڪري ڪن ذاتي خاصيتن يا حادثن جي بري ۽ وڇڙندڙ اثر ٻ اعتقاد هئڻ ڪري، ڪن شين يا گالهين کان دور رهڻ جي متعلق انيڪ قسم جا قانون، جن کي "ممنوعات" چئون ٿا، وجود ٻ اچي ويا آهن، ماڻهو ڪن ڪمن کان پرهيز ڪندا آهن تہ متان هو پنهنجيءَ اڻ وٽندڙ حالت يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيب سبب ڏرتيءَ جي ميون کي ۽ پنهنجيءَ حالت سان اثرانداز ڪري وجهن. اهڙيءَ طرح پرهيز ڪرڻ جون اهڙيون سڀ رسمون، يا ڪن ڪمن کان دور رهڻ جا سڀ قاعدا ۽ قانون، منفي جادوءَ يا ممنوعات جا مثال آهن. مثال طور، شخصي عملن يا ڪيفيتن جي اثر انداز ٿيڻ جي دليل جي مدنظر، ڪٿيلاري قبيلن وارا چوندا آهن ته ميوبدار وڻ هيٺان بيهي ڪمان منجهان تير نه چوڙڻ گهرجن، چو ته جيئن تير زمين تي ڪرندا آهن، تيئن وڻ ۽ پنهنجو ميوو زمين تي اچلائي چڏيندو، هنڌائي ڪائڻ وقت اهي ٻج، جي وات مان ٽوڪاري اچلايا ويا هجن، تن کي انهن ٻجن سان نه گڏڻ گهرجي، جن کي ٻيجي لاءِ جدا ڪري رکيو ويو هجي، چو ته جيڪڏهن اڻين کبو، ته جيتوڻيڪ وات مان ٽوڪاريل ٻجن مان ۽ سلا اپرندا ۽ اهي پور ۽ جهليندا، پر نيٺ سندن ڦل اڻين ڇٽي پوندو، جيئن انهن جا ٻج وات مان چنڊي اچلايا ويا هئا، ۽ اهڙيءَ طرح انهن مان ڪو ڦل پيدا ڪرڻ ڏيندو. بلڪل انهيءَ دليل مطابق، بويريا جي ڪڙميءَ جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ڪائنس ميوبدار وڻ جو پيوند هڪ دفعي زمين تي ڪري پيو، ته پوءِ ان پيوند مان جيڪو وڻ پيدا ٿي پوندو، سو پنهنجو ميوو وقت کان اڳ ڪيرائيندو رهندو. ڪوچين چائنا جا چام قبيلي وارا جڏهن بوسي زمين ۾ چانورن جو ٻج وجهندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته ان وقت مينهن نه وسي، ته پوءِ هو برسات کي ڏسي ۽ فصل ناس ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ اوترو وقت پاڻ سڪا چانور ڦٽيندا رهندا آهن.

مٿين مثالن ۾، انسان نسبتي اصولن مطابق نباتات تي پنهنجا اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هو پنهنجين انساني خاصيتن ۽ واقعات جي مدد سان، پوءِ اهي مفيد هجن يا ضرر، وڻن ۽ ٻوٽن تي ٻ ساڳي ئي انداز ۾ ضابطي رکڻ ۽ اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر نسبتي جادوءَ جي اصول مطابق اهو اثر ۽ ضابطو دو-طرفو ٿئي ٿو. وڻ يا ٻوٽو ماڻهوءَ کي پنهنجي نيڪ يا بد خصلت اڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي چنبڙائي سگهي ٿو، جيئن ماڻهو ان کي. جادوءَ جي دنيا ۾ به، جيئن منهنجو عقيدو آهي ته علم طبعيات ۾، عمل ۽ رد عمل برابر ۽ متضاد ٿين ٿا. چيروڪي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني نسبتي علم نباتات جا عملي ماهر آهن. انهن جي ملڪ جي 'ڪٽگٽ' (*Catgut*) پوليي جون انگڙ ونگڙ پاڙون اهڙيون ته مضبوط ٿيندڙيون آهن، جو اهي وهندڙ هڙکي روڪي هڪ هٿ بيهاري سگهنديون آهن. ان ڪري چيروڪي قبيلي جون عورتون پنهنجن وارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انهن پاڙن مان ٺهيل ڪاڙهي سان وارن کي ڏوئنديون آهن. ۽ چيروڪي مرد، جن جي هڪ دلچسپ راند ڪينهوءَ راند هوندي آهي، پنهنجن مشڪن ۽ پٺن کي سخت ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ساڳئي ٽي ڪاڙهي سان غسل ڪندا آهن. گٹيلاري قبيلي جي ماڻهوءَ جو وري اهو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ڪو وڻ مان ڪريل ڦل ڪٽي هو ڪائيندو، ته منجهس به ٽاهن ڪاٽڻ ۽ ڪرڻ جي عادت پيدا ٿي پوندي. ۽ جيڪڏهن ڪا وسريل شيءِ (مثلاً ڪنيءَ ۾ وسريل لاهوري گجر، يا باه ۾ وسريل ڪيلو) هو ڪائيندو، ته هڪدم سندس حافظو چٽ ٿي ويندو. انهيءَ قبيلي وارن جو هي به اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ڪا عورت هڪ به ٻيٽا ڪيلا کائي ويندي، ته ڪيس جاڙا ٻار جمندا. ڏکڻ آمريڪا جا گارائي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني سمجهندا هٿا ته جيڪڏهن ڪا عورت مڙ جو ٻڌو داڙو کائيندي، ته اها جاڙن ٻارن جي ماءُ ٿيندي. ويدن واري زماني ۾، انهيءَ اصول جي هڪ عجيب و غريب عمل سان، هڪ جنتر ٿاهيو ويو هو، جنهن جي زور تي ڪنهن به جلاوطن راجڪمار کي پنهنجو تخت و تاج واپس حاصل ٿي سگهندو هو. ڪيس اهڙين ڪاٽين جي باه تي پڪل ڪاڏو ڪاٽو پوندو هو، جيڪي ڪنهن اهڙي وڻ مان حاصل ڪيون ويون هجن، جنهن کي هڪ پيرو ٽڙ ڪان وڌيو ويو هجي، پر وري ڦٽي اپريو ۽ وڏي وڏو ٿيو هجي. اهڙي وڻ، ٽئين سر سائي ٿيڻ جي جنهن طاقت جو مظاهرو ڪيو هو، سا ان جي

www.sindhsalamat.com - books.sindhsalamat.com

ڪائين ٿي پرندڙ باه وسيلي، ان باه ٿي وڏيل ڪاڏي ۾ داخل ٿي، راجڪمار تائين ٿي پهتي، جنهن اهو طعام ٿي ڪاڏي، جو ان باه تي تيار ٿي ٿيو، جا انهن ڪالين جي هئي، جي انهيءَ هڪ پيرو وڏيل پر وري سائي ٽيل وڻ ۾ جايون هيون. سوڄانين جو عقيدو آهي ته جيڪڏهن ڪن خاردار وڻن جي ڪاٺ سان گهر اڏبو، ته ان گهر ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگي به ساڳيءَ طرح خاردار ۽ مصيبتن سان ڀريل رهندي.

نسبتي جادوءَ جي هڪ پي به ڪارائتي شاخ آهي، جا مڙدن ذريعي اثر ڏيکاري ٿي، جو ته جيئن مڙدا ڏسن، ڳالهائن ۽ ٻڌن ڪان بلڪل قاصر هوندا آهن، تيئن نسبتي اصولن جي بنياد تي، مئن جي هڏن يا ڪنهن بيءَ اهڙيءَ چيز جي وسيلي، جا موت سان وابستہ هجي، ماڻهن کي اندو، گنگو ۽ ٻوڙو بڻائي سگهجي ٿو. چنانچہ، ڪٽليلاري قبيلي وارن جو ڪو نوجوان چوڪرو، جڏهن پنهنجيءَ محبوبہ سان رات جو لکي ملاقات ڪرڻ ويندو آهي، تڏهن هو ڪنهن قبر جي مٽي کڻي، پنهنجي محبوبہ جي گهر جي چت مٿان انهيءَ جاءَ تي اڇلائيندو آهي، جنهن جي هيٺان چوڪريءَ جا والدين سمهيل هوندا آهن. هو سمجهندو آهي ته انهيءَ عمل ڪرڻ سان سندس محبوبہ جا والدين تيسين نہ جاڳندا، جيسين هو ان سان ڳالهائي پولهائي فارغ نہ ٿيندو، چو ته قبر جي مٽي انهن کي موت جهڙي گهري ننڊ ڏيئي ڇڏيندي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ۽ قريباً هر دور ۾، چورن ۽ ڪاٺ هٽندڙن جادوءَ جي انهيءَ قسم جي خاص طرح حمايت ڪئي آهي، ۽ اهي ان جي عاملن جا هميشه معاون ۽ مددگار رهيا آهن، چو ته جادوءَ جو اهو قسم سندن پيشي جي ڪاميابيءَ لاءِ نهايت مفيد آهي. اهڙيءَ طرح ڏکڻ سليوونيا جو ڪاٺ هٽندڙ پنهنجي ڪارروائي شروع ڪرڻ کان اڳ، انهيءَ گهر جي چت مٿان، جنهن کي هن ڪاٺ هٽڻ لاءِ منتخب ڪيو هوندو آهي، مئل ماڻهوءَ جو هڏو اڇلائي، ٽوڪبازيءَ جي انداز ۾ هيئن چوندو آهي: "جيئن هي هڏو جاڳي،

www.sindhsalamat.com - books.sindhsalamat.com

تيئن شل هن گهر جا پاتي جاڳن!" بس، انهيءَ عمل کان پوءِ گهر جي ڪنهن پاتيءَ کي مجال ڪانهي، جو اکيون کولي سگهي. ساڳيءَ طرح جاوا جو نقب زن ٻ ڪاٺ هٽائ ڪان اڳ، پٽيند ڪيل گهر جي چوڌاري ڪنهن قبر جي مٽي چٽڪاري ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان هو گهر جي پاتين کي گهريءَ نند ۾ غافل ڪري ڇڏيندو آهي. ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاٺ هٽندڙ جيڪڏهن هندو ڏرم جو پوجاري آهي ته هو انهيءَ جاءِ جي دروازي وٽ شمشان پوسيءَ جي رک چٽڪاريندو آهي. هوڏانهن پيروءَ جا ڳاڙها هندستاني وري مٽل ماٿوءَ جي هڏن جي رک اتي هاريندا آهن. روٽينيا جا ڪاٺ هٽندڙ مڙدي جي ٽنگ جي ٽليءَ ۾ سان منڊ ڪنديءَ، خالسي ٽليءَ ۾ مٽ ۽ وٽ وجهي، موم بتيءَ وانگر ٻاري، ان کي هٿ ۾ جهلي، جاچيل گهر جي چوڌاري ٽي ڦيرا ڀائيندا آهن، جنهن جي اثر کان گهر جي پاتين کي سوٽ جهڙي نند وٺي ويندي آهي، يا وري روٽينيا جو چور مڙدي جي ٽنگ جي هڏي سان ٻنسري ٺاهي اها وڄائيندو آهي، جنهنکري آسپاس جي جن ۽ ماٿهن جي ڪنن تي ان جو آواز پوندو، تن تي غنودگي طاري ٿي ويندي. ميڪسيڪو جا ڳاڙها هندستاني، انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ عورت جي لاش جي ڏائيءَ ٻانهن جي ڪارائيءَ واري هڏي کي استعمال ڪندا هئا، جا پهريون ٻار ڄڻيندي، ويءَ جي دوران ۾ مري ويئي هجي، پر ان لاءِ هڪ ڳالهه ضروري هوندي هئي ـ هنن عقل جي اڪابر پهلوانن کي عورت جي اها ٻانهن چورائڻي پوندي هئي. انهيءَ ٻانهن سان، هو ان گهر جي ٻاهران، جنهن کي ڦرڻ جو ارادو هوندو هون، زمين تي ڏڪ هڻندا هئا، اهڙيءَ طرح گهر جا سمپ پاتي ڳالهائڻ ۽ چرڻ پرڻ جي طاقت وڃائي ويهندا هئا ۽ سيڪهم ڏسندي ۽ ٻڌندي ٻ، هو مڙدن وانگر نستا هوندا هئا ۽ منجهن ڪا به طاقت باقي ڪانه بچندي هئي ـ منجهائڻن ڪن کي ته نند ۾ اچي ويندي هئي ۽ ڪونگهرا پيا هڻندا هئا. يورپ ۾ ۽ ساڳئي قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون خصلتون اهڙي ماڻهوءَ جي سکل سڙيل هٽ سان وابستہ
ڪيون ويندیون آهيون، جو ڦاسيءَ تي چڙهي مئو هوندو. اهڙي
هٽ کي "هٽنڊ آف گلوري (سوپ جو هٽ)" سڏيو ويندو هو.
جيڪڏهن ڪنهن اهڙي سزا يافتہ گنهگار جي چربيءَ مان، جو ڦاسيءَ
تي لٽڪي موت سان همڪنار ٿيو هوندو، موم بتي ٺاهي، انهيءَ
"هٽنڊ آف گلوريءَ" ۾ الڪائي، ياري ويندي هئي، تہ اها هر انهيءَ
ماڻهوءَ کي ساڪ ڪري چڏيندي هئي، جنهن جي اکين اڳيان اها
آندي ويندي هئي. بس، ان موم بتيءَ تي نظر پوڻ سان، هو
مڙدي وانگر آڳر ۾ ٿ چوري سگهندو هو. ڪڏهن تہ وري خود
مڙدي جو هٽ ئي موم بتي يا موم بتين جو چڪو هوندو هو،
چو تہ ان جي سيني سکل آڳرين کي باه لڳائي موم بتيون ٻاريو
ويندو هو، ان صورت ۾ جيڪڏهن گهر جي ياتين مان کو هڪ
به سجاڳ هوندو، تہ پوءِ انهن مان هڪ موم بتي ٻرڻ کان انڪار
ڪندي. اهڙين ڦصانڪار موم بتين کي ڪير سان ئي وسائي سگهبو
هو. ڪڏهن تہ وري چورن کي اهو ٻڌايو ويندو هو تہ سندن
موم بتي ڪنهن تازي چاول ٻار، يا ان کان به بهتر، اڻ چاول
ٻار جي آڳرين مان ٺهيل هٿ گهرجي. ڪڏهن وري اهو ضروري
سمجهيو ويندو هو تہ چور وٽ گهر جي هر هڪ ياتيءَ لاءِ هڪ
جدا موم بتي هٿ گهرجي، چو تہ جيڪڏهن هن وٽ هڪ به موم بتي
گهٽ نڪري پوندي، تہ گهر جي ياتين مان ڪوبہ کو باڪي
پوندو ۽ ڪيس پکڙي وڃندو. هڪ دفعو اهي موم بتيون ٻرڻ
لڳنديون، تہ پوءِ ڪير کان سواءِ انهن کي ڪنهن به بيءَ شيءِ سان
وسائڻو نہ هو. سترهين صديءَ جا ڏاڙيل، حامل عورتن جي پيٽ
مان اهڙين موم بتين حاصل ڪرڻ لاءِ، ڳولي ڳولي اهڙين عورتن
کي قتل ڪندا هئا. يونان جي قديم ڏاڙيل يا ڪاٺ هٽندڙ
سمجهندو هو تہ هو ڪهڙي به خطرناڪ ۽ وحشي ڪتي کي،
مڙدي جي ٻرندڙ چڪيا مان ڪڍيل ڪائي ڏيڪاري خاموش ڪري
ٿي سگهيو. بلگيريا ۽ سرويا جون عورتون، جي گهريلو بندشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پابندين کان تنگ هوندیون آهن، سي پنهنجن شوهرن کي خاموش ڪرڻ لاءِ مڙدن جي اکين تي رکيل ٽامي جا سڪا ڪڍي، انهن کي شراب يا پاڻيءَ ۾ ڏوئي، اهو پاڻي کين پيارينديون آهن. ان کان پوءِ سندن شوهر پنهنجن زالن جي حرڪتن کي ڏسڻ کان اڳ تہ انڊا ٽي پوندا، جڏهن اهي مڙدا هئا، جن جي اکين تي ٽامي جا سڪا رکيل هئا.

ان کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن جانورن کي اهڙين ڪن خوبين يا خصلتن جو مالڪ سمجهيو ويندو آهي، جي انسان لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهن ٿيون، ۽ نسبتي يا نقالي جادو انهن خوبين کي مختلف نمونن سان انسان ۾ منتقل ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. مثال طور، ييچوئانالئنڊ جا وحشي باشندا هڪ جهنگلي ٻلي‌ءَ جا ڏند يا ڪل وغيره پائيندا آهن، چو تہ جيئن اها ڏاڍي ۽ سخت جان هوندي آهي، سا ڪٿي‌ءَ طرح ان جو ڪل پائيندڙ ۾ مشڪل سان موت قبول ڪندو. ٻيا وري سا ڪٿي مقصد لاءِ هڪ ننڍي قسم جي جبت کي اڏ مئو ڪري، ڪچي‌ءَ ۾ ٻڌي چڏيندا آهن. اجا ۾ ڪي ٻيا ييچوئانا جا قبائل نوڙهي ڏاند جا وار ڪٽي پنهنجن وارن سان ٻڌي چڏيندا آهن ۽ ڪپڙن ۾ ڏيڏر جي ڪل رکندا آهن چو تہ جيئن ڏيڏر ترڪٽو ٿيندو آهي ۽ سگهن کانسواءِ ڏکو قاسائڻ ڏکيو ٿيندو آهي، بلڪل انهن وانگر اهو جنگي جوان جيڪو اهي شيون پاڻ وٽ رکندو، سو ٻ دشمن کي هٽ لڳڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو، ۽ جي ان جي هٽ چڙهي ٻ ويو تڏهن ٻ سندس قبضي مان ڇڄي ايندو. هوڏانهن وري آفريڪي جنگي جوان پنهنجن ڪارن گهنڊيدار وارن ۾ ڪٽي جا وار وٽي، ملائي چڏيندو آهي، تہ جيئن دشمن جي نيزي يا ٻئي ڪنهن هٿيار جي ڏڪ کان اڻين ڇڄي وڃي، جيئن ڪٽو انهن چيزن جي ڏکن کان بچي ويندو آهي، جي ان ڏانهن اڇلايون ويندیون آهن. ان ڪري انهن علائقن ۾ جڏهن ٻ جنگ جو انديشو هوندو آهي، تڏهن ڪٽن جي وارن جي ڏاڍي گهرج ٿيندي آهي. هندستان جي هڪ قديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ لکيل آهي ته جڏهن ۽ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني پيش ڪرڻي هجي، تڏهن جنهن ٻڪريءَ مان قربانگاه ٺاهيو وڃي، سا اهڙيءَ جاءِ تان ڪڍجي جتي ڪنهن جهنگلي سوئر پنهنجن ڏندن سان مٽي کوٽي پاهر ڪڍي هجي، جو ته سوئر جي سڃي قوت انهيءَ مٽيءَ ۾ منتقل ٿي ويئي هوندي. جيڪڏهن يڪتارو وڃائيندي وڃائيندي آگريون آکڙجي وڃن، ته ان لاءِ آسان ترڪيب هيءَ آهي ته ٻنيءَ ۾ وڃي ڪنهن ڍڳهين ٽنگن واري کوريٽڙي ڪي قاسائي، ان کي باه تي ڇڪائي، ان جي سڙيل جسم سان آگرين جي مالش ڪجي، ته آگريون کوريٽڙي جي ٽنگن وانگر چست ۽ تيزيءَ سان قرندڙ گهرندڙ ٿي پونديون. گهڻ ازڪم گٽليلاري قوم وارن جو اهو اعتقاد آهي. پڇي ويل غلام کي واپس مالڪ ڏانهن موڪلڻ لاءِ مجبور ڪرڻ واسطي هڪ عرب چا ڪندو آهي، جو زمين تي گول ليڪو پائي، ان جي عين وچ ۾ هڪ ميخ کوڙي، تنهن سان هڪ ڍڳهي ڏاڳي جي وسيلي، ڪا ٽنڊڻي ٻڌي ڇڏيندو آهي، پر ان ۾ هڪ خبرداري ضرور ڪندو آهي ته ٽنڊڻيءَ جي جنس ساڳي رکندو آهي، جا مفرور غلام جي هوندي آهي. جيئن جيئن اها ٽنڊڻي ميخ جي چوگرد قرندي رهندي، تيئن تيئن اها ڏاڳي کي وکوڙيندي ويندي ۽ اهڙي ٽمڻي وچينءَ ميخ کان پنهنجي ڏاڳي جو مفاصلو گهٽائيندي رهندي، اهڙيءَ طرح جڏهن اها ميخ کي بلڪل قريب پهچي ويندي، تڏهن اهو پڳل غلام ۽، نسبتي جادوءَ جي زور تي، مالڪ ڏانهن موٽي ايندو.

برٽش نيو گائنا جي مغربي قبيلن ۾، جڏهن ۽ ڪو نانگ ماريندو آهي، تڏهن هو ان کي ساڙي، ان مان حاصل ڪيل پائوڊر پنهنجن ٽنگن کي مکي، پوءِ هيلي ۾ ويندو آهي، جو ته ان کان پوءِ هن کي ڪيترن ڏينهن تائين ڪوبه نانگ نه ڏنگيندو. ڏکڻ سلوينيا جي ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪا جيز تڳائي هوندي آهي، يا بازار مان چوريءَ ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي، ته پوءِ دڪاندار کي انڊي بنائڻ خاطر، هو ڪنهن انڊيءَ ٻلي ڪي ساڙي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي سنهي پائوڊر جي چوٽي، انهيءَ دڪاندار مٿان سودو چڪائيندي چڪائيندي ڪنهن طرح اڇلائي ڇڏيندو آهي، بس ان کان پوءِ هو بلڪل بي ڊپائيءَ سان ان جي ڪا به شيءِ کڻي سگهندو ۽ دڪاندار کي ڪا به خبر ڪانہ پوندي، چوتہ هو اهڙو انڊو ٽي چڪو هوندو، جهڙي مثل انڊي ٻلي هئي، جنهن جي رک جي چوٽي مٿس اڇلائي ويئي، پکائيءِ ڪرڙ خاطر ٻلي چور دڪاندار کان ايترو به پڇي تہ "چا، سون توکي هن چيز جي قيمت ادا ڪئي؟" ۽ پوءِ ويچارو دڪاندار، جادوءَ جي اثر هيٺ هڪدم جواب ڏيندو، "بلڪل بلڪل، مون کي قيمت ملي ويئي." وچ آسٽريليا جا قبائل، جيڪڏهن پنهنجي منهن تي ڏاڙهي جمائڻ چاهيندا آهن، تہ اهي به هڪ نهايت آسان طريقو اختيار ڪندا آهن: هو پنهنجن ڳلن ۽ ڪاڏيءَ ۽ توڪدار هڏي سان سنها سوراخ ڪري، ان جي مٿان ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان جادوءَ جي هڪ ڪائي يا پٿر ڦيرائيندا آهن، جنهن کي اتان جي ڊگهين ڇڻ ۽ ڏاڙهيءَ واري ڪنهن جهنگلي ڪئي جي شڪل ڏني ويندي آهي، ڪئي جي ڊگهين ڇڻ ۽ ڏاڙهيءَ جي صفت ان جي ڪائيءَ يا پٿر واري مجسمي ۾ منتقل ٿي ايندي آهي، جتان وري اها آسائيءَ سان ڪاڏيءَ ۽ ڳلن جي سوراخن مان ماڻهوءَ ۾ هلي ايندي آهي، جنهن کان پوءِ ان جي چهري کي هڪ گهاڻي ڏاڙهي وڌهي وکوڙي سڪ ڪيو ٻيئي هوندي آهي. قديم يونانين جو خيال هو تہ رات جو جاڳندڙ ٻابل جي گوشت کائڻ ڪري ماڻهوءَ جي نند اڏامي ويندي، اکين جي ڏند واري مريض جي اکين ۾ عقاب جي ٻچي جي ٻاٽيءَ وجهڻ سان، ان جي نظر عقاب جهڙي تيز ٿي ويندي، ۽ جهنگلي ڪانو جي آنن سان اڇا وار ڪانو جي رنگ جهڙا ڪارا ٿي پوندا. ۽ ان پوئين ترڪيب مان فائدي وٺڻ لاءِ هڪ خبرداري نهايت ضروري هئي. پيريءَ جي انهيءَ آثار کي لکائڻ لاءِ، جيڪو به پنهنجي وارن ۾ ڪانو جا آنا وجهي، تنهن کي گهرجي تہ هو جيتريءَ ڊپر ٻائين وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي آنا ڏيندو رهي، اوتريءَ دير تائين وات ۾ تيل ڀري، وات کي ڀيڪوڙي بند ڪري، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ سندس وارن سان گڏ سندس ڏندن جي ۽ سياه ٽي وچ جو امکان آهي، ۽ جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي پوي، تہ پوءِ ڏندن کي ڪيتري ۽ زور سان کرڙي صاف کرڻ جي کوشش ڪبي، تہ ۽ اهي کارا ٿي رهندا. وارن کي کاري کرڻ واري اها دوا اهڙي تہ تيز سمجهي ويندي هئي، جو ان جي استعمال کرڻ واري کي هميشه فائدي بدران کنهن نہ کنهن نقصان ٿيڻ جو انديشو رهندو هو.

هڪڙول قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين کي نانگ جي ٻچيءَ وارا چت ڏاڍا پسند هوندا آهن. ان ڪري هڪڙول عورت کي جڏهن ۽ کو ڪپڙو اٽو هوندو آهي، تڏهن سندس مڙس هڪ ڏگهو چٽ ڪمرو نانگ ڦاسائي ان کي چيريل ڪاليءَ جي وچ ۾ بند ڪري زال جي اڳيان جهلي بيهندو آهي. هوءَ وري نانگ جي سڄي جسم تي هڪ هٿ ڦيرائي، ان کي پنهنجيءَ پيشانيءَ ۽ اکين تي گهمائيندي آهي، تہ جيئن هوءَ ڪپڙي اٽڻ وقت، ان جي تاجيءَ ٻيٽي ۾ اهڙا خوبصورت چٽ ڪڍي سگهي. جهڙا نانگ جي ٻچيءَ تي هئا.

نسبتي جادوءَ جي اصول تي، بيجان شيون، ٻوٽا ۽ جانور، پنهنجيءَ پنهنجيءَ خصلت مطابق، پنهنجي آس پاس، رحمت يا زحمت جا درياءَ وهائي سگهن ٿا، ۽ ان جو دارومدار جادوگر جي ڪاريگريءَ تي رهي ٿو، تہ هو رحمت يا زحمت جي انهن درياڻن کي فائديمند طريقن سان استعمال ڪري ٿو، يا انهن کي ڪي بند ڏيئي روڪي ڇڏي ٿو. سمرقند جون عورتون پنهنجن ٻارن کي مصري چوسڻ لاءِ ڏيندڙيون آهن ۽ هٿن جي ترين کي کونر مکيندڙيون آهن، تہ جيئن وڏي ٿيڻ کان پوءِ سندن وات مان مٺا ٻول نڪرن ۽ سندن هٿن کي قيمتي شيون اهڙي نموني سان چهٽي پون، جو تہ انهن کي کونر ٽڪيل آهي. قديم يونانين جو خيال هو تہ اهڙيءَ رڍ جي ڪل آن سان ڦهيل ڪپڙو، جنهن کي ڪنهن بگهڙ چيريو ڦاڙيو هوندو، جيڪو پهريندو، تنهن جي بدن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ خارش جي بيماري پيدا ٿيندي. هنن جو هي به اعتقاد هو
ته جيڪڏهن ڪنهن پٿر کي، جنهن ۾ ڪتي چڪ وڏو هجي،
شراب ۾ اڇلائبو، ته جيڪي به ان شراب کي استعمال ڪندا، سي
پاڻ ۾ وڙهي پوندا. معاب جي عرب عورتن ۾ وري اهو رواج
آهي ته جيڪا عورت اولاد کان محروم هوندي آهي، سا ڪنهن
اهڙيءَ سهيليءَ جو چوغو اڌارو وٺي پهريندي آهي، جنهن کي
گهٽا ٻار هوندا آهن، اهڙيءَ طرح ڪيس چوغي جي اصل مالڪياڻيءَ
جي اولاد جڙڻ واريءَ خصلت جي حاصل ٿيڻ جي اميد رهندي آهي.
اوپر آفريڪا ۾ سوفالا علاقي جي ڪافر قبيلي وارن کي ڪانيءَ
يا ڪڪن جهڙيءَ ڪنهن پوريءَ شيءَ جي ڏڪ لڳڻ جو اهڙو
ته ڊپ ٿيندو هو، جو هو ان جي مقابلي ۾ ڪنهن ٽلهي ڏنڊي
يا لوه جي سيخ سان دل تي مار ڪائڻ کي ترجيح ڏيندا هئا؛
چو ته هو سمجهندا هئا ته ڪنهن به پوريءَ شيءَ سان مار ڪائڻ
ڪري، سندن جسم اندر ئي اندر ڪرندو سڙندو ويندو، تان جو
هو موت سان هم آغوش ٿي ويندا. مشرقي سمنڊن ۾، هڪ وڏو
ڪوڏ ٿيندو آهي، جنهن کي سيليبس جا قديم باشندا، "پير مرد"
(ڪجائو) چوندا آهن. هر جمعي تي هو انهن "پير مردن" کي
اونڌو ڪري گهرن جي چائڻن وٽ رکي چڏيندا آهن، جو ته
جيڪو به ان ڏينهن انهن کي اورانگهي اندر باهر ايندو ويندو،
تنهن جي عمر تمام وڏي ٿيندي. جڏهن هارائڻ وقت برهمڻ چوڪري
جو ساڃو پير هڪ پٿر تي رکايو ويندو آهي، ۽ ساڳئي وقت هي
لفظ دهرايا ويندا آهن: "هن پٿر کي لتاڙ، پٿر وانگر سخت
ٿيءَ!" ۽ شاديءَ جي موقعي تي برهمڻ ڪنوار کان به، ساڳين
لفظن سان، ساڳي ئي رسم ادا ڪرائي ويندي آهي. مٽيا گاسڪر
۾، قسمت جي ناپائداريءَ ۽ بيوفائيءَ جي رد طور، گهر جي شهتير
هيٺان هڪ پٿر دفن ڪيو ويندو آهي. پٿر تي هٿ رکي يا
پٿر تي ويهي قسم ڪائڻ جي عام رسم جو بنياد به ان عقيدي تي
ٻيل ٿو ڏسجي ته ماڻهوءَ جي قسم ۾ به پٿر جي پائداري ۽ مضبوطي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح ڊينمارڪ جو قديم تاريخ نويس، سيڪسو گرئميٽيڪس* بڌائي ڏو تہ "قديم زماني جي ماڻهن کي جڏهن ۾ بادشاه منتخب ڪرڻو هوندو هو، تڏهن اهي زمين ۾ ڪٽل پٿرن مٿان ٻيهي پنهنجو ووٽ ڏيندا هئا، جنهن جو مطلب اهو هوندو هو تہ پٿر وانگر سندن ووٽ ۾ مضبوط جٽادار رهندو."

۾ جيتوڻيڪ سڀني پٿرن ۾، انهن جي سختيءَ، مضبوطيءَ ۽ وزن جي عام خوبين مطابق، جادوءَ جو اثر موجود سمجهيو ويندو آهي، ان هوندي ۾ ڪن خاص، پٿرن يا پٿرن جي ڪن خاص قسمن ۾، انهن جي خصوصي صورت ۽ رنگ مطابق، جادوءَ جون خاص وصفون سمايل سمجهيون ويندڙون آهن. مثال طور، پيروءَ جا ڳاڙها هندستاني، ڪن پٿرن کي مڪائيءَ جي فصل کي ڀلي ڪرڻ لاءِ، تہ ڪن کي پٽائڻ لاءِ ۽ ڪن ٻين کي چوپائي مال جي افزائش لاءِ استعمال ڪندا هئا. جيڪي پٿر مڪائيءَ کي وڌائڻ لاءِ ڪتب آندا ويندا هئا، تن کي مڪائيءَ جي سنگ جي صورت، ۽ جيڪي چوپائي مال جي افزائش لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا، تن کي رڍ جي صورت ڏني ويندي هئي.

ميلانيشيا جي علائقي ۾ ۽ اهڙي قسم جو اعتقاد ڦهليل آهي تہ ڪن خاص قسمن جي مقدس پٿرن ۾، سندن شڪل ۽ صورت مطابق، ڪرامتي وصفون موجود آهن. اهڙيءَ طرح سمنڊ جي ڪناري تان لڌل ڪاٻاڻيءَ ۾ گريل ۽ گسيل مرجان جي پٿر جي صورت ڪن وقتن تي خاص قسم جي ميون سان مشابهت ڪائيندي آهي، جنهن ڪري ٻنڪس ٻيٽن جي ڪنهن باشندي کي، جيڪڏهن اهڙو ڪو پٿر ملي ويندو آهي، جنهن جي صورت سندس باغ ۾ ٻيٽل ڪنهن ميوي جي صورت سان ملندي آهي، تہ هو هڪدم انهيءَ پٿر کي ڪٽي ان وٽ جي پاڙن ۾ وڃي دفن ڪندو آهي، تہ جيئن وٽ ۾ ميوو جام ٿئي. جيڪڏهن نتيجو سندس اميدن مطابق نڪرندو آهي، تہ پوءِ هو ٻين ماڻهن کان پڇا ڳاڇ سندن

* ڊينمارڪ جو هڪ تاريخ نويس ۽ شاعر (موت ۱۸۲ ع).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ ڪرامت وارا پٿر پاڻ واري طاقتور پٿر پرسان دفن ڪري ڇڏيندو آهي، تہ جيئن ان جون خصلتون هنن جي گهٽ درجي وارن پٿرن ۾ تحليل ٿي وڃن. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن پٿر تي گول ٽڪيون نڪتل هونديون، تہ ان جي برڪت سان پٺسو جام ملندو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن ماٺهوءَ هڪ وڏي پٿر کي ساڳئي قسم جي ننڍڙن پٿرن مٿان اهڙي نموني سان پيل ڏٺو، جيئن سوئر جي مادي پنهنجن ٻڻن مٿان ويٺي هوندي آهي، تہ ٻوءَ هو يقيني طور ان پٿر مٿان پيسن جو نذرانو رکندو، چوتہ ڪيس خاطري آهي تہ انهن پٿرن جي برڪت سان سندس سوئرن جي ڏڻ ۾ برڪت پوندي. انهن ۽ اهڙين ٻين حالتن ۾، ميلانيشيا جا ماٺهو خود پٿرن کي انهن خوبين جو مالڪ نہ سمجهندا آهن، پر انهن جو اعتقاد آهي تہ اهي خوبيون پٿرن اندر رهندڙ روحن جون آهن، ۽ ڪڏهن وري، جيئن تازو ڏٺوسون، انهن روحن کي راضي ڪرڻ لاءِ کي ماٺهو ان پٿر مٿان نذرانا ۽ قربانيون پڻ ڏيندا آهن. ۽ انهيءَ ريت روحن کي راضي ڪرڻ جو تصور ۽ اعتقاد درحقيقت جادوءَ جي دائري کان نڪري، مذهب جي دائري ۾ وڃي ٿو داخل ٿئي. هن حالت واڱر، جتي به خاص جادوءَ جي نظرين ۽ رواجن سان گڏ اهڙي قسم جو اعتقاد يا خيال موجود نظر اچي، تہ ٻوءَ اڪثر اها خاطري هٿ گهرجي تہ جادوءَ جو نظريو اوائلي ۽ اصلي چيز آهي، جنهن تي بعد ۾ مذهبي نظريي ۽ اعتقاد جو پيوند لڳايو ويو آهي. چوتہ هن خيال لاءِ ڪافي مضبوط بنياد موجود آهن تہ انساني فڪر جي ارتقا ۾ جادو مذهب کان زياده قديم ۽ اوائلي آهي. پر بحث جي انهيءَ موضوع طرف اسان جلد ئي متوجہ ٿينداسون.

قديم زماني جا ماٺهو قيمتي پٿرن جي خوبين کي وڏي اهميت ڏيندا هئا، درحقيقت ان ڳالهہ تي وڏا ۽ نهايت موثر دليل پيش ڪيا ويا آهن. تہ اهڙن پٿرن کي زيورن طور آرائش ۽ زيبائش لاءِ استعمال ڪرڻ کان گهڻو اڳ، تعويذن طور ڪتب آندو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. چنانچہ، قديم يونانين ان پٿر کي "دروازي وارو وڻ" جو نالو ڏنو هو، جنهن تي وڻ جهڙا نشان ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ۽ سندن خيال هو تہ جيڪڏهن اهڙا ٻ قيمتي پٿر هر ۾ جوٽيل ڏاڻن جي سگنڊ يا ڪچين ۾ ٻڌا وڃن، تہ فصل يقيناً پلو ٿيندو. ساڳيءَ طرح انهن هڪ پٿر کي "ڪير-پٿر" جو نالو ڏنو هو، جنهن جي اها خوبي سمجهي ويندي هئي تہ جيڪڏهن ان کي ماکيءَ ۾ ڪنهن خاص طريقي سان گاري ۽ ملائي عورت کي پيٽارجي، تہ ان جي چاتين ۾ ڪير وڌندو. اڄ ٻ ڪريٽ ۽ ميلوز جي ٻيٽن ۾ يوناني نسل جون عورتون هنن "ڪير-پٿرن" کي ساڳئي مقصد لاءِ استعمال ڪنديون آهن. آلبينيا ۾، جن عورتن کي ٽٻن تي ٻار هوندا آهن، سي ٻار لاءِ جهجهي مقدار ۾ ڪير پيدا ڪرڻ لاءِ انهن پٿرن کي وري ڪچيءَ ۾ ٻڌنديون آهن. هڪ ٻئي پٿر ۾ وري قديم يوناني لوڪ نانگ جي ڏنگ کي چٽائڻ جي خوبي موجود سمجهندا هئا، ان ڪري ان کي نالو ئي "نانگ-پٿر" ڏنو هئائون، ان جي اثر کي آزمائڻ لاءِ فقط پٿر کي سنهو پينهي، نانگ جي چڪ مٽان ٻرڪڻ جي دير هوندي هئي. شرابي رنگ جي ياقوت کي نالو ئي "نشي کان آجو" ڏنو هئائون، چو تہ ان ۾ اها خصلت سمجهي ويندي هئي تہ جو ٻ ان کي پائيندو، سو شراب جي نشي کان متاثر ڪونہ ٿيندو. جن ٻ ٻن پائرن کي ايڪي سان ڳڏ ڳذارڻ جي آرزو هوندي هئي، تن کي پاڻ سان مقناطيس رکڻ جو مشورو ڏنو ويندو هو، چو تہ اهو پنهنجيءَ ڪشش ڪرڻ واريءَ خصلت سبب، انهن کي جدا ٿيڻ کان هميشہ روڪيندو رهندو.

هندن جي پراڻن پستڪن ۾ لکيل آهي تہ سج لهڻ کان پوءِ شاديءَ رات گهوٽ کي پنهنجيءَ ڪنوار سان گڏ، آسمان ۾ ستارن نڪرڻ تائين خاموش ويهڻ گهرجي. جڏهن قطب تارو نڪري، تڏهن ان ڏانهن اشارو ڪري اهو پنهنجي ڪنوار کي ڏيکاري، ۽ پوءِ تاري کي مخاطب ٿي هيئن چوڻ گهرجيس: "تون پختو آهين، اي پختا، آءٌ توکي پنهنجن هنن اکين سان پسي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، اي زنده ۽ قائم رهڻ وارا، تون سون سان ڀختو رهجانءِ".
وري زال ڏانهن منهن ڪري هيئن چوي: "توکي برهاسپتيءَ سون
کي سونهيو آهي، سون، ٻنهنجي مڙس، منجهان اولاد حاصل ڪري،
سون سان سَوَن سَرَسُن تائين گڏ گذار". ظاهر آهي ته ان رسم
جو مقصد قسمت جي ناپائداريءَ خلاف ڏرتيءَ جي موج ۽ مزي جي
چند ڏينهن جي چمڪي کي، انهيءَ قائم ۽ دائم تاري جي پختگيءَ
سان، محفوظ ڪرڻ جو آهي. انگريز شاعر ڪيٽس* جي آخرين
شعر ۾ انهيءَ ساڳيءَ آرزوءَ جو هيئن اظهار ٿيل آهي:

"اي چمڪندڙ تارا! ڪاش، آءٌ ۾ تو وانگر قائم ۽ لافاني
هجان ها ــ نه تنها تجليءَ ۾، آسمان جي بلنديءَ تي لٽڪيل،"

سامونڊي ساحل جي رهاڪن تي سمنڊ جي دائمي مد وجزر،
جو اثر ٿيڻ هڪ يقيني امر آهي، جنهنڪري هو هم آهنگيءَ ۽
مشابهت جي فلسفي جي اصولن تي، جن تي اسين هن وقت بحث
ڪري رهيا آهيون، سمنڊ جي لهرن ۽ انسان، حيوان ۽ نباتات
جي حياتيءَ جي درميان هڪ خفيه سٻنڌ يا هڪ پوشيده تعلق
کي کولي ڪيڏ لاءِ آماده ٿين ٿا. سمنڊ جي چڙهندڙ ويڑ ۾
هو نه فقط فرحت، آسودگي ۽ زندگيءَ جي علامت ڏسن ٿا، پر
هو ان کي خوشي ۽ آرام جي انهن سڀني حالتن جو حقيقي ۽ اصلي
سبب سمجهن ٿا، ساڳيءَ طرح لهندڙ ويڑ ۾ هوڻاڪاميابيءَ، ڪمزوريءَ
۽ موت جي ڏکدائڪ نشانيءَ سان گڏ، هو ان کي انهن سڀني
دلشڪن ۽ غمگين حالتن جو خود پيدا ڪندڙ ۽ سبب تصور ڪن ٿا.
برٽن قبيلي جو ڪرمي سمجهندو آهي ته جيڪڏهن هو سمنڊ جي
چڙهندڙ ويڑ وقت ٻج پوکيندو، ته فصل پلو ٿيندو، پر جيڪڏهن
ساڳيوئي ڪم رواجي وقتن تي يا اهڙي وقت ڪيو ويندو، جڏهن
ويڑ هٽندڙ هوندي، ته فصل اپجندو ئي ڪونه، ۽ جيڪڏهن
اهڙي پوک کي گاهه طور ڳئن کي کارايو ويندو، ته اهي به آڪرجي

* انگلنڊ جو هڪ مشهور شاعر (۱۷۹۵-۱۸۲۱) جو جواني ۾ سلهه
جي مرض ۾ مبتلا ٿي فوت ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري وينديون. هن جي زال وري ائين سمجهندي آهي ته بهترين ۽ زياده ۾ زياده مڪمل ان وقت نڪرندو، جڏهن ويڙهندڙ هوندي، اهڙي وقت تي ڏڏ ولوڙيو، ته ان مان ٽيستائين مڪمل نڪرندو رهندو، جيستائين ويڙهنجي عروج کي پهچندي، ۽ ساڳئي وقت جيڪڏهن گئونءَ کي ڏهيو، يا ڪوهه مان پاڻي چکيو، ته اهو آهري ديگڙي مان وهي وڃي باهه ۾ ڪرندو، يا بالڻيءَ کان باهر نڪري هارجي پوندو. قديم زماني جي بزرگن جي قول مطابق، سيل، مڇيءَ جي ڪل جو، مڇيءَ جي جسر کان سالن کان وٺي جدا ٿيڻ جي باوجود، سمنڊ جي پاڻيءَ سان اهڙو ته گهرو رابطو رهي ٿو، جو ويڙهه جي لهڻ وقت، ان ۾ هڪ قسم جي جنبش پيدا ٿيندي آهي. هڪ قديم اعتقاد، جو ارسطوءَ* ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي، هيءَ ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪابه ساهه واري چيز ويڙهندڙ ويڙهه وقت موت سان ڪڏهن به همڪنار ڪين ٿيندي آهي. جيڪڏهن پلنيءَ تي پروسو ڪجي، ته انهيءَ اعتقاد جي، تجربي مان، ڪم از ڪم ماڻهن جي حالت ۾، فرانس جي ساحل تي تصديق ٿيل آهي. فلوسٽريٽس به اسان کي خاطري ڏئي ٿو ته ڪٻڙ جا باشندا، تيسين ساه ڪوڙ چڏيندا هئا، جيسين ويڙهنجي عروج تي هوندي هئي. اهڙوئي خيال يورپ جي ڪن حصن ۾، اڃا تائين هلندو اچي. ڪئنيڊين: ساحل جا باشندا سمجهندا آهن ته جيڪي ماڻهو ڪنهن ڪهني يا شدت واري مرض سبب مرندا آهن، تن جو ساه ان وقت نڪرندو آهي، جڏهن ويڙهه لهندي ويندي آهي. پورچوگال، ويلس جي سڄي ساحلي علاقي، ۽ برٽنيءَ جي ساحل جي ڪيترن حصن ۾ هي اعتقاد عام ڦهليل آهي ته ماڻهو ان وقت چمندا آهن، جڏهن ويڙهه ويڙهندي آهي، ۽ اهڙي وقت مرندا آهن، جڏهن اها لهندڙ هوندي آهي. ڊڪنس+ به انگلنڊ ۾ ان وهم جي وجود جي

* سڪندر اعظم جو استاد، يوناني فيلسوف (٣٨٤ ق.م.-٣٢٢ ق.م.)
+ انگلنڊ جو هڪ مشهور افسانه نگار (١٨١٢-١٨٧٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ ڪري ٿو، "ساحل جا ماڻهو تيستائين ڪونہ مرندا آهن،" منسٽر پيگٽي* چيو، "جيستائين سمنڊ جي ويڑ ذري گهٽ لهي نہ ويندي آهي، ۽ اهي تيستائين نہ جمندا آهن، جيستائين ذري گهٽ چوڻي ۽ تي نہ پهچندي آهي- درحقيقت ان جي عروج تي پهچڻ تائين حقيقي معنائن ۾ جمي ئي ڪين سگهندا آهن." انگلنڊ جي مشرقي ساحل تي، ناردمبرلنڊ ڪان وڌي ڪينٽ تائين، ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ زياده تر موت ويڑ لهڻ وقت واقع ٿيندا آهن. شيڪسپيئر† ۽ ان ڪان واقف هوندو، چو تہ هو فالسٽاف× کي ان وقت ساري ٿو، "جڏهن ٻارهن ڪان هڪ جي درميان وقت هو، درحقيقت ويڑ لهڻ جو وقت هو." انهيءَ ساڳئي اعتقاد جو وجود اسان کي وري اتر آمريڪا جي پسفڪ ساحل تي هڏا قبيلي وارن وٽ ملي ٿو. جڏهن ۽ هڏا قوم وارن جو ڪو نيڪ مرد مرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن ان کي هڪ ٻيلو نظر ايندو آهي، جنهن کي سندس مرحوم دوستن منجهان کي هلائيندا ايندا آهن ۽ اهي ڪيس غالم ارواح ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏيندا آهن. "هينئر اسان سڀ هليو هل"، اهي چوندا اٿن، "چو تہ ويڑ لهڻ واري آهي ۽ اسان کي واپس وڃڻو آهي". نيو سائوٿ ويلس جي پورٽ اسٽيفنس جا باشندا پنهنجن دوستن ۽ عزيزن جي لاش کي هميشہ چڑهيل ويڑ وقت دفن ڪندا هئا، ۽ ان جي لهڻ وقت ڪڏهن ٻ نہ، چو تہ ڪين ڊپ هوندو هو تہ متان ويڑ جو لهندڙ پاڻي مٿي ماڻهوءَ جي روح کي ڪنهن دوردراز ۽ اڻ سڃاتل ملڪ ڏانهن ڪڍي وڃي. وڏيءَ عمر حاصل ڪرڻ لاءِ چيني باشندا ڪن اهڙن پيچيده جنترن منترن کان ڪم وٺندا آهن، جن ۾ نسبتي اصولن مطابق،

---

* ڊڪنس جي مشهور ڪتاب "ڊيوڊ ڪاپرفيلڊ" جو هڪ فرضي ماهيگير ڪردار.

† انگلنڊ جي راڻي ايليزبيٿ پهرين جي دورحڪومت جو (١٥٥٨-١٦٠٣) شهور معروف نائڪ نويس.

× شيڪسپيئر جي ڊراما جو هڪ فرضي ڪردار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقتن، موسمن، ماڻهن ۽ شين ۾ جيڪي جادوءَ جهڙا جوهر رکيل آهن، سي سڀ هڪ هڪڙ موجود هوندا آهن. انهن دلکش ۽ خوشي بخشيندڙ اثرن کي پاڻ ڏانهن منتقل ڪرڻ جو وسيلو وڻن فقط ڪفن جا ڪپڙا ئي سمجهيا ويندا آهن. زياده تر چيني اهي ڪپڙا پنهنجيءَ عمر ۾ ئي ولي رکندا آهن ۽ انهن مان ڪيترا انهن ڪپڙن کي ڪنهن غير شادي شده چوڪريءَ يا ڪنهن تمام ننڍيءَ ڇوڪريءَ جي عورت کان وهٽائي، ڪٽائي، سڀائيندا آهن. ان ۾ هو نهايت عقلمنديءَ کان ڪم وٺي. اهو اندازو لڳائيندا آهن ته جيئن ته اهڙيءَ ڇوڪريءَ يا عورت کي اڃا ڪافي سالن تائين هن دنيا ۾ زنده گذارڻو آهي، ان ڪري هن جي گهٽي عرصي تائين جيئري رهي سگهڻ جي ان صلاحيت جو ڪجهه حصو انهن ڪپڙن ۾ تحليل ٿي ويندو، ۽ اهڙيءَ طرح سندن پنهنجي موت جي اڃا گهڙي ۾ اوترن ئي سالن تائين پٽتي هٽي ويندي، جڏهن کين انهن ڪپڙن کي پنهنجي ڪفن طور استعمال ڪرڻو پوندو. ازانسواءِ اهي ڪفن جا ڪپڙا فقط انهيءَ سال ڏهرايا ويندا آهن، جنهن سال ۾ وڌيڪ هڪ مهينو وڃي، چيني ڪئلينڈر جو حساب پورو ڪيو ويندو آهي، جو ته چيني باشندن جو اهوخيال آهي ته جيڪو ڪفن اهڙي سال ۾ ڏهرايو ويندو، جو رواجي سالن کان ڊگهو آهي، تران حالت ۾ انهيءَ ڪفن ۾ زندگيءَ وڌائڻ جي خاصيت ازخود سمائجي ويندي. انهن ڪپڙن ۾ هڪ قسم جو جبو به شامل هوندو آهي، جنهن ۾ انهيءَ خاصيت پرڻ لاءِ خاص اهتمام ڪيو ويندو آهي، اهو جبو تمام گهري نيلي رنگ جو هوندو آهي، جنهن جي مٿان زريءَ جي ڏاڪي سان هڪ لفظ نهايت خوبصورتيءَ سان لکيل هوندو آهي— عمر دراز! وڏيءَ عمر واري پيءُ يا ماءُ کي اهڙي قسم جو قيمتي ڪپڙو تحفي طور ڏيڻ، جنهن کي "وڏيءَ عمر جو لباس" چيو ويندو آهي، اولاد جي طرفان انتهائي عزت ۽ شفقت جي علامت سمجهي ويندي آهي. جيئن ته انهيءَ پوشاڪ جو مقصد زندگيءَ ۾ طوالت پيدا ڪرڻ جو هوندو آهي، ان ڪري ڪپڙي جو مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي بسا اوقات، کنهن خاص تقريب جي ڏينهن تي، نهايت فخر سان، پهريندو آهي، تہ جيئن ان جبي کي پنهنجي برڪت پرئي اثر پيدا ڪرڻ جو گهٹي کان گهٹو موقعو فراهم ٿي سگهي. پنهنجي سالگره جي موقعي تي هو ڪڏهن ب انهيءَ خوش‌بخت پوشاڪ کي کين وساريندو آهي، چو تہ چين ۾، عقلمنديءَ جي اها تقاضا هوندي آهي تہ جنهن ڏينهن تي پاڻ ۾ گهٹي کان گهٹي صحت ۽ جساني قوت محفوظ ڪئي وڃي، تہ جيئن اها سڄي سال لاءِ ڪم اچي. اهڙيءَ شاندار پوشاڪ ۾ ملبوس ٿي، جا سندس خاڪي جسم جي ذري ذري سان پنهنجو اثر ان ۾ منتقل ڪندي رهندي آهي، ان جو خوش نصيب مالڪ نهايت نڙت ۽ نياز، موج ۽ مسرت سان دوستن ۽ عزيزن جون مبارڪون حاصل ڪندو آهي، جي انهيءَ عاليشان ڪپڙي کي هٿن ۾ جهلي ان جي خوبين جي تعريف ڪندا آهن، ۽ ان سان گڏ انهيءَ صالح اولاد جي سعادتمنديءَ ۽ محبت جا گيت گائيندا آهن، جنهن پنهنجي معمر والد بزرگوار کي اهڙي قيمتي ۽ مفيد لباس نذر ڪرڻ جو فوض ادا ڪيو.

هڪجهڙيون شيون هڪجهڙو اثر پيدا ڪن ٿيون ـ انهيءَ اصول جو پيو عملي مثال چيني باشندن جي انهيءَ عقيدي مان ملي ٿو تہ چاڪاڻ تہ شهر جي آسودگيءَ يا بدحاليءَ جو دارومدار ان جي رڻا ۽ تعمير جي نموني تي آهي، تنهنڪري ان شهر جي قسمت ضرور انهيءَ چيز جي قسمت جهڙي رهندي، جنهن سان ان جي رڻا ۽ تعمير جي گهٹي کان گهٹي مشابهت هوندي. چيو وڃي ٿو تہ گذريل زماني ۾ تسيون ـ چو ـ فو جي قديم شهر جو خاڪو هڪ سڄيءَ جي شڪل وانگر هو، ۽ ان تي هڪ همسايہ شهر جا باشندا، جنهن جو لالو يونگ ـ چون هو، هميشہ حملو ڪري ان کي تباہ ڪندا رهندا هئا. ان پوئين شهر جي شڪل سڄيءَ جي جار وانگر هئي. آخرڪار پهرئين شهر وارن ماٹهن تنگ ٿي، پنهنجي شهر جي عين وچ ۾ ٻن اوچن مندرن تعمير ڪرائڻ جي سٹ سڏي. چيو وڃي ٿو تہ انهن مندرن جي اڇ تائين انهيءَ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم شهر جي وچ ۾ نمايان ٻيٽا آهن، ان وقت کان ولي شهر جي قسمت کي بدلائي ڇڏيو، جو تہ مندرن جي اوچين چٽين پاسي واري شهر جي موهوم چار کي هن شهر مٿان ڪرڻ کان روڪي، ان کي دشمن جي انهيءَ چار ۾ وکوڙجي وڃڻ کان بچائي ورتو، ۽ اهڙيءَ طرح شهر جي شوميءَ تقدير جي اثر کي هميشه زائل ڪري ڇڏيو. انڪل چاليهن سال اڳ، شانگهائي شهر جي سياڻن کي هڪ مقامي بلوي جي سبب کي ڳولي لهڻ لاءِ ڏاڍي مٿا ڪٽي ڪرڻي پيئي. انتهائي جانفشانيءَ ۽ تفتيش کان پوءِ کين معلوم ٿيو تہ ان جو اصلي سبب هڪ عاليشان نئون مندر هو، جو بدقسمتيءَ سان ڪُميءَ جي صورت ۾ تعمير ڪيو ويو هو، جا پنهنجي بدترين فطرت کان مشهور آهي. سمائلو نهايت گنهير هو ۽ خطري جي نوعيت نهايت نازڪ هئي. چو تہ مندر کي منهدم ڪرڻ بي ديني هئي ۽ ان کي پنهنجي اصلي حالت ۾ ڇڏي ڏيڻ اهڙين مصيبتن کي مسلسل دعوت ڏيڻ جي مترادف هو. بهرحال تعمير تبديل ڪرڻ وارن مقامي ڪاريگرن پنهنجي دماغ تي زور ڏيئي، انهيءَ دشواريءَ تي ڪنهن طرح فتح حاصل ڪري، خطري کي ٽاري وڌو: مندر جي ٻن ڪوهن کي منيءَ سان ڀري، جي ڪميءَ جي اکين جا مظهر هٿ، هنن انهيءَ بدذات ۽ بدسرشت جانور کي اندو ڪري، آئينده ان جي ڪنهن به اهڙيءَ شرارت کان شهر کي محفوظ ڪري ورتو.

ڪڏهن ڪڏهن بدشگونيءَ جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ، نسبتي يا نقالي جادوءَ جي مدد سان خود ان بدشگونيءَ جو سانگ رچايو ويندو آهي. ان جو مقصد اصلي مصيبت جي بجاءِ، ان جو نقل ڪري، تقدير کي ٽارڻ جو هوندو آهي. مٺڻ اڳاڪر ۾ تقدير کي اهڙي دوکي ڏيڻ لاءِ باقاعدي هڪ نظام مرتب ڪيو ويو آهي. اتان جي هرهڪ ماڻهوءَ جي قسمت ان جي ڄمڻ جي گهڙيءَ يا ڏينهن مطابق مقرر ڪئي ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي ڄمڻ جي ساعت بد هوندي، تہ جيستائين تقدير جي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرارت جي اثر کي زائل نہ ڪيو ويو آهي، تيستائين ان ماڻهوءَ جو خير نہ سمجهيو ويندو آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪو ٻار ٻئي مهيني (فيبروري) جي پهرئين ڏينهن تي ڄائو آهي، تہ ان جي بالغ ٿيڻ واري ڏينهن سندس گهر سڙندو. فرصت کي غنيمت سمجهي، ان مصيبت کي ٽارڻ لاءِ، ٻار جا عزيز يا انهن جا دوست، ٻنيءَ ۾ يا ڏورن جي واڙي ۾، هڪ ٻڪريءَ اڏي، ان کي ٻاهه ڏيندا آهن. انهيءَ ٽوٽي کي زياده موثر ڪرڻ لاءِ، ٻار ۽ ان جي ماءُ کي ٻڪريءَ جي وچ ۾ ويهاري، عين ان وقت کين چڪي ٻاهر ڪڍندا آهن، جڏهن کين ٻاهه لڳڻ واري ٿي هوندي آهي. وري نوبر جو مهينو ٻرساتين جو ٿيندو آهي، جنهنڪري ان مهيني ۾ ڄاول ٻار لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ هو وڏو ٿي اهڙن بيشمار ڏکن ڏاکڻن ۾ مبتلا ٿيندو، جو هميشه روئندو ٿي رهندو، پر نحوست جي انهن بادلن کي منتشر ڪرڻ لاءِ، جي سندس مستقبل کي اهڙي دردناڪ نموني سان گهيريو ٻيٺا هوندا آهن، هن کي ڪنهن ٽهڪندڙ ديگڙيءَ تان ڏڪ لاهي، ان مان خارج ٿيندڙ ڀاڦ کي ڏڪ سان هيڏانهن هوڏانهن ڦهلائڻو ۽ چڙوچڙ ڪرڻو پوندو آهي. اهڙيءَ طرح، ڏڪ سان ڀاڄيءَ جون ٻوندون ڪوڙهن واڱر هيٺ ڪري، هن جي تقدير جي تقاضا پوري ڪري ڇڏيندين، جنهنڪري هن جون اکيون نيرن جي نارن وهائڻ کان سڄي عمر ٻچي ويندين. وري جيڪڏهن ڪنهن چوڪريءَ جي قسمت اهڙي بد آهي، جو ڪيس پنهنجن ٻارن کي، پنهنجي اکين آڏو قبر ۾ دفن ٿيندو ڏسڻو پوندو، تہ ڪيس اهڙي منحوس وقت کي ٽارڻ لاءِ هي عمل ڪرڻو پوندو آهي. ڪيس گهرجي تہ هڪ ڪڙ ماري، ان کي ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ويڙهي، مٽائس ويهي اهڙو ماتر ڪري، جيئن هڪ ماءُ پنهنجي جگر گوشي جي لاش مٿان ويهي ڪندي آهي. ان حالت ۾ پنهنجي مٿان ڪنهن جي به دم دلاسي جوابر ٿيڻ نہ ڏئي ۽ روج راڙو جاري رکي. ان کان علاوه، لاش جي آسپاس "مرده ٻار" جي پٺر طور، يعني، ٻن عزيزن ۽ قريبن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ ٿيڻ ۽ ماتر ڪرڻ جي اثر پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪيس ڏهه ڀارهن ڀيا مڪڙ پڪڙي، انهن جا ڪنب ۽ ٽنگون چني، ڪين ڪفن ۾ ويڙهيل مڪڙ جي اردگرد چڏي ڏيئ گهرجي، اهي اڏ مٿا مڪڙ، درد وڪرب وچان جيئن ٽٽڪندا ۽ جيڪا پون پون ڪندا، سو سپ گويا مئل پار جي مائڻن جو ماتر آهي. پوءِ پنهنجي ڪفن ۾ ويڙهيل "پار" کي دفن ڪري، پٿر تان اڻي، پين کي پڻيان چڏي، هوءَ روئندي روئندي اهڙيءَ اداسان پنهنجي گهر هلي وڃي، جيئن هڪ سوگوار مائ پنهنجي پار کي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ بعد، گهر ڏانهن وک واريندي، هڪ هڪ قدم ڪٽندي ۽ وري پڻيان نهاريندي، ويندي آهي، پوءِ پنهنجن وڪريل وارن کي ٺاهي ۽ چولو پڏي، گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي وڏيڪ ڏک ۽ ماتر ڪري. ڪجهه ڏينهن پچاڻا، سندس دل جو زخم چٽ گهرجي، جنهن کان پوءِ ڪيس پنهنجي بي خطر مستقبل جو يقين ۽ نيڪ اميدن جي خاطري ڪرڻ گهرجي، چو ته اڻين هرگز ڪونہ ٿي سگهندو ته ڪيس ۾ مرتبا ماتر ۽ ڪفن دفن ڪرڻو پوي. وري جيڪڏهن ڪنهن جي جمع وقت اڻين نظر اچي ته ڪيس آئنده هلي مفلسي ۽ محتاجيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو، ته ان حالت ۾ قسمت جي انهيءَ ليک کي مٽائڻ لاءِ، ڪيس سستن موتين جو هڪ جوڙو خريد ڪري، جن جي ڪل قيمت ٿي ٽڪا هجي، زمين ۾ دفن ڪرڻ گهرجي، چو ته هڪ اميرڪان سواءِ، ٻئي ڪنهن کي طاقت آهي، جو اهڙا قيمتي ۽ نايابموتي اڻين ڦٽا ڪري چڏي!

۳- **قرابتي جادو:** هن وقت تائين هم آهنگ جادوءَ جي ان شاخ تي آسان غور ڪندا رهيا آهيون، جنهن کي نسبتي يا نقالي جادو چئون ٿا. ان جو ڪيڏو اصول، جيئن متي ڏسي آيا آهيون، اهو آهي ته "هڪجهڙيون شيون ساڳيا اثر پيدا ڪن ٿيون"، يا هن لفظن ۾ چئجي ته "نتيجو پنهنجي سبب سان مشابهت رکي ٿو". هم آهنگ جادوءَ جي ٻي وڏي شاخ، جنهن کي سون "قرابتي جادوءَ" جي نالي سان سڏيو آهي، انهيءَ نظريي يا ويچار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٻڌل آهي تہ "ڪي ٻ شيون، جي هڪٻئي سان وابستہ رهيون آهن، سي هڪٻئي کان علحدہ ٿيڻ کان پوءِ ٻ، هميشہ لاءِ هڪٻئي سان اهڙي هم آهنگ رشتي يا تعلق ۾ منسلڪ رهنديون، جو منجهائڻ هڪ سان جيڪا ڪاروائي ڪبي، سا ٻيءَ سان ٻ بلڪل سا ڪئي نموني سان ازخود ٿيئي ٿيندي". اهڙيءَ طرح قرابتي جادوءَ جو منطقي بنياد ٻ، نسبتي جادوءَ واڱر، خيالن جي غلط ڳانڍاپي تي ٻڌل آهي، ان جو طبعي بنياد (جيڪڏهن جادوءَ جي طبعي بنياد بابت گفتگو ڪرڻ معقوليت جي دائري ۾ اچي سگهي ٿو)، نسبتي جادوءَ جي طبعي بنياد واڱر، هڪ قسم جو مادي رابطو آهي، جو جديد سائنس جي 'ايٿر' (*Ether*) واڱر، ڏورانهين شين کي ملائيندڙ يا هڪ کان ٻئي تائين اثرات پهچائيندڙ سمجهيو وڃي ٿو. قرابتي جادوءَ جو عام مثال اها جادو اثر هم آهنگي آهي، جا ماڻهوءَ ۽ سندس جسم جي منقطع ٿيل ڪنهن ٻ حصي، جهڙوڪ نڇن، وارن، وغيره، جي درميان موجود سمجهي ويندي آهي، چنانچہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي جي وارن يا نهن کي هٽ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، تہ اهو پنهنجي مرضيءَ مطابق، ڪيتريءَ ٻ دوريءَ جي باوجود، ان ٻئي ماڻهوءَ تي، جنهن جي جسم کان اهي حصا جدا ٿيا هوندا، جهڙو وڻيس اهڙو اثر پيدا ڪري سگهي ٿو. انهيءَ قسم جو وهم دنيا جي هرحصي ۾ موجود آهي، ۽ ان باري ۾، خاص طرح نهن ۽ وارن جا مثال اڳتي هلي هن ڪتاب ۾ ڪافي انداز ۾ ملندا.

آسٽريليائي قبائلي ٻ، جڏهن ٻ ڪنهن چوڪري کي پنهنجي قبيلي ۾ هڪ بالغ مڙس ماڻهوءَ جي مڪمل حقن ڏيڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، تڏهن، انهن قبائل جي عام رواج موجب، چوڪري جي اڳين ڏندن منجهان هڪ يا ٻ ڏند ڇڪي ڪڍيا ويندا هئا. انهيءَ رسم جو اصلي سبب چا هو، ان جي اسان کي خبر نہ آهي، مگر اسان جو مطلب فقط هن ڳالهہ سان آهي تہ چوڪري جي مهاڻن مان ڏندن نڪرڻ کان پوءِ ٻ، ساٿس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس نڪتل ڏندن جو ڪنهن نموني هم آهنگي رشتو قائم سمجهيو ويندو هو. مثال طور، نيو سائوٿ ويلس ۾، ڊارلنگ درياه جي آسپاس رهندڙ قبائل ۾ هي رواج هوندو هو ته اهڙي نڪتل ڏند کي درياه يا پاڻيءَ جي ڪنهن ڏهي جي ڪپ تي بيٺل وڻ جي ڇوڏي ۾ رکيو ويندو هو. جيڪڏهن ڇوڪرو وڏي وڏي ڏند ٻاڻ وري ويو، يا ڏند سري سري پاڻيءَ ۾ ڪري پيو، ته پوءِ سمجهيو ويندو هو ته سيڪجم ٺيڪ آهي؛ پر جيڪڏهن اهو ڏند اڳهاڙو رهجي ويو ۽ ان جي ٻاڻ ماکوڙيون چڙهي ويون، ته پوءِ قبائلين کي يقين ٿي ويندو هو ته ڇوڪري کي ڏندن جو ڪو نه ڪو مرض اچي ويندو. نيوسائوٿ ويلس جي مورنگ ۽ بين قبيلن ۾ اهڙي ڏند کي ڪجهه عرصي لاءِ پهريائين ڪنهن پيرمرد جي حوالي ڪيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ اهو قبيلي جي سڀني پيرمردن جي هٿن مان ٿيندو ٿيندو آخر ڦري اچي ڇوڪري جي نيءُ جي حوالي ٿيندو هو، ان کان پوءِ اهو ڏند ٽيٽ خود ان ڇوڪريءَ کي اچي ملندو هو. پر ان سموري سلسليبازيءَ ۾ جيتوڻيڪ ان کي هٿون هٽ هڪ کان پئي تائين پهچايو ويندو هو، ته به ان سڄي ڪاروبار ۾ هڪ خبرداريءَ ضرور ڪرڻي پوندي هئي ــ اها هيءَ ته ان ڏند کي ڪنهن به صورت ۾ اهڙيءَ ٽيلهيءَ ۾ نه رکيو وڃي، جنهن ۾ جادوءَ جو سامان رکيل هجي، چو ته ائين ڪرڻ سان ڇوڪري کي سنگين خطرو لاحق ٿي ويندو. هڪ دفعي مرحوم ڊاڪٽر هووٽ کي، ڪنهن اهڙيءَ رسم جي دوران ۾، ڏندن جي حفاظت جو فرض ادا ڪرڻو پيو، جنهن ٿي قبيلي جي پرين مڙسن کيس سنڌون ڪيون ته انهن ڏندن کي پنهنجيءَ ٽيلهيءَ ۾ وجهي نه ڪٽي وڃي، چاڪاڻ ته کين خبر هئي ته ان ٽيلهيءَ ۾ ڪي عجيب غريب بلور جا ٽڪرا موجود هئا. ان جو سبب هنن کيس اهو ٻڌايو ته جيڪڏهن هو ڏندن کي بلور جي ٽڪرن سان گڏ رکي ڪٽي ويندو ته بلور جي ٽڪرن جو جادو انهن ڏندن ۾ گهڙي ويندو ۽ غريب ڇوڪرن کي ناحق ضرر پهچائيندو. انهيءَ رسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ادا ٿيڻ کان ذري گهٽ هڪ سال بعد، ڊاڪٽر هووٽ وٽ مورنگ قبيلي جي پرين مڙسن منجهان هڪ اڇي سهڙيو، جو پنهنجي گهر کان ٻه سو پنجاهه ميل ڪٿي وٽائيس ڏنڊن واپس وٺڻ لاءِ آيو هو. انهيءَ ماڻهوءَ کيس ٻڌايو ته چوڪرن مان هڪ جي بيماريءَ اڇي پاسو ڏنو هو، جنهن جو سبب اهو پئي سمجهيو ويو ته ڏنڊن کي ضرب آئي آهي، جنهن جو ان تي اثر ٿيو آهي. کيس خاطري ڏني ويئي ته ڏنڊن کي هڪ جدا صندوق ۾ محفوظ ڪري، بلور جي ٽڪرن ۽ بين سڀني اهڙين شين کان جدا رکيو ويو هو، جي خدانخواسته انهن کي ڪنهن نقصان پهچائڻ جهڙيون ٿي سگهيون. ان کان پوءِ اهو پير مرد انهن ڏنڊن کي ڏاڍي احتياط سان ويڙهي سيڙهي، لڪائي پاڻ سان سوٽائي گڏ ڪٽي ويو.

بسوٽو قبيلي وارا پنهنجن نڪتل ڏنڊن کي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان پاسائون ڪري رکندا آهن، متان اهي ڪن اهڙين ناپيد هستين جي هٿ چڙهن، جن جو قبرن ۾ واسو هوندو آهي، ۽ جي ڏنڊن تي جادو ڪري، انهن جي مالڪن کي نقصان پهچائي سگهندیون آهن. پنجاهه ڪن سال اڳ، سيڪس ۾، پراڻن خيالن جي هڪ نوڪرياڻيءَ ٻارن جي ڪيرائڻ ڏنڊن کي اچلائڻ جي خلاف سخت احتجاج ڪندي، ڏاڍيءَ خاطريءَ سان چيو ته جيڪڏهن اهي ڏنڊ ڪنهن جانور جي ور چڙهيا ۽ انهن کي ان جانور پنهنجن ڏنڊن سان ٽڪيو يا چڪريو، ته پوءِ دنيا جا کهڙا ۾ حيلا هلائيا ته ٻه ٻار جو نئون ڏنڊ بلڪل انهيءَ جانور جي ڏنڊ جهڙو نڪرندو، جنهن انهيءَ ڏنڊ کي ٽڪير هوندو. ان ڳالهه جي ثابتيءَ طور، هن پوڙهي ماسٽر سائمنس جو مثال ڏنو، جنهن جي متئين جاڙيءَ ۾ سوئر جي وڄ جهڙو هڪ وڏو ڏنڊ هو، ۽ اهو سندس هڪ اهڙو ذاتي نقص هو، جنهن لاءِ هو هميشه پنهنجيءَ ماڻ کي ذميدار ٺهرائيندو هو، جنهن سندس هڪ ڪريل ڏنڊ کي اتفاق سان ڪٽي سوئر جي ڪنوار ۾ اچلايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوءِ اهڙي ئي قسم جي اعتقاد اهڙين رسمن کي وجود ۾ آندو آهي، جن جو مقصد نسبتي جادوءَ جي اصولن تي، پراڻن ڏندن جي بچاءَ نون ۽ بهتر ڏندن حاصل ڪرڻ جو آهي. چنانچ دنيا جي ڪيترن حصن ۾، ڪريل ڏندن کي اهڙين جاين ۾ رکڻ جي رسم آهي، جتي اهي ڪنهن ڪُٽي کي هٿ لڳن، ڪين هيءَ اميد هوندي آهي ته ڏندن ۽ انهن جي سابق مالڪ جي درميان جيڪا هم آهنگي موجود رهندي ايندي آهي، تنهن جي ذريعي سندس بچيل ڏندن ۾ اها ساڳي مضبوطي ۽ پختگي اچي ويندي، جا انهن ڪٽن جي ڏندن ۾ هوندي آهي. مثال طور، ڇوڙ وڇي ٿو ته جرمنيءَ جي ماڻهن ۾ عام چوٽي آهي ته جڏهن به ڪو ڏند ڪيائجي تڏهن ان کي ڪنهن ڪُٽي جي ٻير اندر اچلائي ڇڏجي. پار جي ڪريل ڪيرائتي ڏند کي ائين ڪُٽي جي ٻير ۾ اچلائڻ سان، هن کي ڏندن جي سورڪان محفوظ ڪري وڃهبو. يا وري چلهه جي پٺيان وڃي، پنهنجي ڏند کي پٺيءَ طرف اچلائي، هيٺ چئجي: "اي ڪٽا، مون کي پنهنجو فولادي ڏند ڏي، آءٌ تو کي پنهنجو هڏائون ڏند ٿو ڏيان". ان کان پوءِ اوهان جا ٻيا ڏند هميشه مضبوط ۽ سٽيءَ حالت ۾ رهندا. يورپ کان گهڻو دور، پُسفڪ مها ساگر جي راڻونگا سرزمين ۾، جڏهن ڪنهن پار جو ڏند ڪيو ويندو هو، تڏهن هيءَ دعا پڙهي ويندي هئي:

"وڏا ڪٽا! ننڍا ڪٽا!

هي ٽُٽي منهنجو پراڻو ڏند،

مهرباني ڪري مون کي هڪ نئون ڏند ڏي."

پوءِ ان ڏند کي گهر جي ڪڪائينءَ ڇت تي اچلايو ويندو هو، جو ته ڪٽا پراڻين ڪڪائين ڇتين ۾ ٽُٽي ٻيرگهل ٿاهي ويهندا آهن. اهڙن موقعن تي، ڪٽن کي ان دعا پڻ جو سبب اهو ڏنو ويندو هو ته کين اها پڪي خبر هئي ته ڪٽن جا ڏند سيني کان زياده مضبوط ٿيندا آهن.

ٻيا ڇيڪي عضوا جسم کان جدا ٿيڻ بعد به عام طور ان سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هم آهنگي رابطي ۾ منسلڪ سمجهيا ويندا آهن، سي آهن اورَ ناڙو ۽ جمڻ وقت هار جي متان ويڙهيل سنهو پردو. اهو لاڳاپو درحقيقت اهڙو تر گهرو سمجهيو وڃي ٿو، جو ماڻهوءَ جي سڄيءَ حياتيءَ جي دوران ۾، سندس خوش بختي يا بد بختي انهن مان ڪنهن هڪ سان وابستہ سمجهي وڃي ٿي، تنهنڪري جيڪڏهن اورَ ۽ هار جي ناڙي کي سنياڻي محفوظ رکيو ويندو، تہ ماڻهو خوشحال رهندو، ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪو حصو غائب ٿي ويو، يا ان کي ڪو ضرر رسيو، تہ واسطيدار ماڻهوءَ کي ۽ نقصان پهچندو. چنانچہ مغربي آسٽريليا جون ڪي قومون سمجهنديون آهن تہ جيڪڏهن هار جو ناڙو سندس ماءُ پاڻيءَ ۾ اڇلايو هوندو، تہ اهو وڏي هوندي هوشيار تارو ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ناڙو ٻئي ڪنهن هنڌ اڇلايو ويو هوندو، تہ ان جو مالڪ ستو تارو ٿيندو. ڪئينسلئنڊ ۾ پينيفادر درياه وٽ رهندڙ قبائلي سمجهندا آهن تہ هار جي روح يا ساهہ ("چوئي") جو هڪڙو حصو سندس اور ۾ ترسي پوندو آهي، ان ڪري هار جي نانيءَ اور ڪٽي وڃي ريتيءَ ۾ دفن ڪندي آهي. پوءِ هوءَ ان جاءَ تي ڪائيءَ جون سنهيون ٽيليون گول چڪر ۾ زمين ۾ کوڙي انهن جا مٿيان ڇيڙا اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندي آهي، جو هڪ ننڍي نوڪدار مخروطي مناري جهڙي صورت بنجي پوندي آهي. جڏهن 'ائنجي'، جو عورتن جي پيٽ ۾ مٽيءَ جا ٺهيل هار وجهي، کين حامل ڪندو آهي، ڪڏهن انهيءَ جاءَ تي اچي سهڙندو آهي، تڏهن هو انهيءَ روح کي اتان ڪڍي پاڻ سان کڻي ويندو آهي ۽ ڪنهن اهڙيءَ جاءَ تي وڃي ڇڏيندو الس، جتي سندس واسو هوندو آهي، مثلاً ڪنهن وڻ تي، يا جبل جي ڪنهن غار ۾ يا ڪنهن سڄي ٻيٽ تي، وغيرہ، وغيرہ، پوءِ اهو روح سالن جا سال اتي امانت يا سلامت پيو رهندو، پر ٽورين گهٽين ڏينهين 'ائنجي' ان روح کي ڪنهن هار اندر ضرور داخل ڪندو، ۽ اهڙيءَ طرح اهو هار جنهن جي ماءُ جي اور نانيءَ کٽي وڃي باهر ريتيءَ ۾ دفن ڪئي هئي، سو وري پيهر هن دنيا ۾ جنم وٺيندو. ڪئرولين ٻيٽن مان هونيپ نالي هڪ ٻيٽ ۾، هار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ناڙي کي سمنڊ جي ڪنهن ڪوڏ ۾ رکي، ان کي ڪنهن اهڙي طريقي سان ٽيڪال ڪيو ويندو آهي، جيڪو طريقو ٻار جي ڪنهن خاص قسم جي آئنده زندگيءَ لاءِ موزون سمجهيو ويندو آهي، جيڪا زندگي هن لاءِ سندس والدين اڳي ئي منتخب ڪري ڇڏي هوندي. مثلاً، جيڪڏهن ٻار کي هوشيار ڇاڙهو بنائڻو هوندن، تہ سندس ناڙو ڪوڏ سوڏو ڪنهن وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيندا، 'ڪي' نالي ٻيٽن جا ٻاشندا، ڇاول ٻار جي جنس مطابق، سندس ناڙي کي هن جو ٻاهہ يا ٻيڙ سمجهندا آهن. ان ڪري هو ناڙي کي هڪ برتن ۾ چار سان گڏ رکي، برتن کي ڪنهن وڻ جي اوچين ٽارين جي چونڪ تي ڪٽي رکندا آهن تہ جيئن اهو پنهنجي 'جاڙي' ٻاهہ يا ٻيڙ جي قسمت تي چوڪسي رکي. سوماترا جي ٻڪ قبيلي وارن ۾، هندي اسمنڊ جي ڪن ٻيٽن جي رهواسين وانگر، ٻار جي جنس مطابق، اورکي هن جو ٻاهہ يا ٻيڙ سمجهيو ويندو آهي، ۽ ان کي گهر ۾ هيٺ دفن ڪيو ويندو آهي. ٻڪ قبائل جي سمجهہ مطابق، اهو پردو ٻار جي عام پلائيءَ سان واسته رهي ٿو. درحقيقت هو ان کي ٻار جي منتقل ٿيندڙ روح جي جاءِ سمجهندا آهن: هن منتقل ٿيندڙ روح متعلق اسين اڳتي هلي گهٽو ڪجهہ پڙهنداسون. ڪئرو- ٻڪ قبيلي وارا تہ وري تصديق ڏيندا آهن تہ ماڻهوءَ جي ٻن روحن مان، جيڪو حقيقي روح آهي، سو انهيءَ ٻردي سان گڏ گهر جي هيٺان رهندو آهي. سندن اعتقاد مطابق، اهو ئي روح آهي، جيڪو ٻار پيدا ڪندو آهي.

ٻاگندا قبيلي وارن جو اعتقاد آهي تہ هر انسان سان گڏ سندس همزاد جنمندو آهي، ۽ ان همزاد جو هو اور تي قياس ڪندا آهن، جنهن کي هو ٻيو ٻار سمجهندا آهن. ٻار جي ماءُ پنهنجي اور کيلي جي وڻ جي ٻاڙ ۾ دفن ڪندي آهي، جنهن کان پوءِ ان وڻ کي ڏيستائين مقدس سمجهيو ويندو آهي، جيستائين ان جا کيلا پچي راس ٿين، پوءِ اهي پکل کيلا ڀٽي، سڄي ڪٽنب لاءِ هڪ مقدس دعوت منعقد ڪئي ويندي آهي. چيروڪي قبيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چوڪريءَ جي ناڙي کي جنڊ هيٺان دفن ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اها وڏي ٿي، هوشيار ٻورچياڻي ٿئي، ۽ چوڪري جو ناڙو ٻيلي ۽ ڪنهن وڻ تي لٽڪايو ويندو آهي، تہ جيئن چوڪرو وڏي هوندي هوشيار شڪاري ٿئي. پيروءَ جي انڪاس قبيلي وارا ٻار جي ناڙي کي ڏاڍي احتياط سان سنياليو رکندا هئا، ۽ جڏهن ٻہ اهو ٻار بيمار ٿيندو هو، تڏهن کيس اهو ناڙو چوسڻ لاءِ ڏنو ويندو هو. قديم ميڪسيڪو ۾ ٻار جو ناڙو فوجين کي ڏنو ويندو هو تہ هو ميدان جنگ ۾ وڃي ان کي دفن ڪن، تہ جيئن ان طرح چوڪري ۾ جنگ ڪرڻ جو ولولو پيدا ٿئي. چوڪريءَ جو ناڙو وري گهر جي چلهہ جي ٻرسان دفن ڪيو ويندو هو، چو تہ ان طرح ائين سمجهيو ويندو هو تہ چوڪريءَ جي دل ۾ پنهنجي گهر لاءِ محبت جو جذبو جاڳندو ۽ ڪيس رڌڻ پچائڻ جو شوق ٿيندو.

خود يورپ ۾ اڄا تائين ڪيترا ماڻهو سمجهندا آهن تہ ماڻهوءَ جي قسمت، ٿوري يا گهڻي، ان جي ناڙي يا اور سان وابستہ آهي. چنانچہ بويريا ۾ ٻار جو ناڙو ٿوري وقت لاءِ پراڻيءَ اڳڙيءَ ۾ ويڙهي رکيو ويندو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو چوڪري جو هوندو آهي تہ ان کي ڪپي، ۽ چوڪريءَ جو هوندو آهي تہ سئيءَ سان ٽنگ ٽنگ ڪري، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن چوڪرو وڏو ٿي سٺو ڪاريگر ٿئي ۽ چوڪري وڏي ٿي هشيار درزياڻي ٿئي. برلن ۾ عام طرح ڏاڙي ٻار جو ناڙو ان جي ٻيءَ کي ڏيندي آهي. ۽ کيس ان کي احتياط سان سنياليو رکڻ جو سخت تاڪيد ڪندي آهي، چو تہ جيسين اهو حفاظت سان رکيو هوندو، تيسين ٻار جيئرو رهندو، وڌندو ۽ ويجهندو ۽ بيماريءَ کان محفوظ رهندو. بيموس ۽ پرچ جي علائقن جا ماڻهو ٻار جي ناڙي کي نہ باهہ ۾ اڇلائيندا آهن ۽ نہ پاڻيءَ ۾، چو تہ جيڪڏهن ائين ڪبو، تہ ٻار يا ڇوڪري مرندو يا هڏي.

اهڙيءَ ريت، دنيا جي ڪيترن حصن ۾ ناڙي کي، يا عام طرح اورکي، هڪ زنده چيز سمجهيو ويندو آهي ـ يعني ڪنهن ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پار جو پاڻ يا پيئ، ۽ ڪٿي ان کي پار جو محافظ روح يا پار جي ذاتي روح جي هڪ حصي جو رهائش گاهه سمجهيو ويندو آهي. ازانسواءِ ماڻهوءَ ۽ سندس اور يا ناڙي جي درميان جيڪو هم آهنگي رابطو موجود سمجهيو وڃي ٿو، سو دنيا جي مختلف حصن ۾ اور يا ناڙي کي نيڪال ڪرڻ جي مختلف طريقن ۽ مروج رسمن مان صاف ظاهر آهي، جن جو واسطيدار ماڻهوءَ جي سڄيءَ زندگيءَ تانين سندس ڪردار ۽ طرز زندگيءَ تي اثر لازمي سمجهيو وڃي ٿو، ۽ جن کي مرد جي حالت ۾ هڪ تيز قدم چاڙهو، مضبوط تارو، هشيار شڪاري، بهادر سپاهي، وغيره، ۽ عورت جي حالت ۾ هڪ ڪاريگر درزياڻي، سٻي بورچياڻي، وغيره، پنجن لاءِ هڪ مجرب علاج تصور ڪيو وڃي ٿو. چنانچه اور، پار جي مٽان ويڙهيل پردي ۽ کي قدر ان جي ناڙي سان جيڪي وهم ۽ عقيدا وابستہ آهن، انهن، ۽ منتقل ٿيندڙ يا خارجي روح متعلق دنيا جي ڪنڊڙ، ۾ جيڪو اعتقاد ڦهليل آهي، تنهن ۾ درميان هڪ عجيب قسم جي مشابهت موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي. لهذا، هتي هي انوهان ڪيڏ ويجا نه ٿيندو ته اها مشابهت ڪا محض اتفاقي چيز نه آهي، پر اور يا پار جي هم واري پردي جي وجود ۾ اسان کي خارجي روح جي نظريي ۽ عمل جو هڪ طبعي بنياد ملي ٿو. (جيتوڻيڪ روح جي وجود جي نظريي جو رڳو اهوئي هڪڙو بنياد نه آهي.) "روح" جي انهيءَ خاص موضوع تي تفصيل سان غور ڪرڻ هن ڪتاب جي ٻوئين حصي لاءِ مخصوص ڪيل آهي.

قرابتي جادوءَ جي اصول جو هڪ عجيب استعمال، زخميءَ ۽ زخم پهچائيندڙ جي درميان انهيءَ لاڳاپي جي صورت ۾ ڪيو ويندو آهي، جو عام طور انهن ٻنهي جي وچ ۾ موجود سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري زخم رسائڻ ڪان پوءِ، زخم پهچائيندڙ جيڪي ٻ ڪندو يا جيڪي ڪجهه ٿئس ڪيو ويندو، تنهن جو اثر— چگو يا برو— زخميءَ تي ٻ ٿيندو. چنانچه 'پلني' اسان کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي زخم رسائي، بعد ۾ پڇتايو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پوءِ جنهن هٿ سان زخم رسايو انو، تنهن کي ٻڌل هٿندا، تہ زخميءَ جو درد هڪدم دفع ٿي ويندو. ملينيشيا ۾، جيڪڏهن ڪنهن زخميءَ جي دوستن کي اهو تير هٿ لڳي ويندو آهي، جنهن سان ان زخم ڪاڏو هوندو آهي، تہ اهي ان تير کي ڪنهن آليءَ جاءِ يا ٻڌن پنن ۾ رکندا آهن، جو تہ ان حالت ۾، زخم ۾ محض معمولي سوج ايندي ۽ اهو جلد ئي چٽي ويندو. ان وچ ۾ جنهن دشمن تير هنيو هوندو، سو پنهنجي وت آهر هر حيلي وسيلي سان ان زخم کي خراب ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو رهندو. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، هو پاڻ ۽ سندس دوست گرم ۽ ساڙيندڙ مشروبات پيئندا رهندا آهن ۽ وات کي ڪُرائيندڙ پن چٻاڙيندا رهندا آهن، تہ اهڙيءَ طرح سندن دشمن جو زخم ۾ سڙندو ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سڄندو ۽ چِڪندو رهي. ان کان علاوه زخم کي تازي رکڻ لاءِ، هو ان تير کي، جنهن سان زخم رسايو هوندائون، باهه جي پرسان رکندا آهن. ساڳئي ئي ارادي سان هو تير جي نوڪ کي، جيڪڏهن اهو واپس هٿ آيو هوندن، باهه ۾ وجهي چڏيندا آهن. ازانسواءِ هو ڏاڏيءَ خبرداريءَ سان ڪمان جي ڏاڳي کي چڪي ٽاٽ ڪري رکندا آهن ۽ گاهي گاهي ان کي آگر سان ٽٽيندا رهندا آهن، جو تہ ان طرح زخميءَ جون نسون سيڙيل رهنديون ۽ سندس زخم ۾ سور جون سوئٽن مٽان سوڙون پيون ايرنديون. "اهڙيون خبرون هميشه ٻڌيون ويندیون آهن ۽ انهن لاءِ خاطري ڏني ويندي آهي." بيڪن* چوي ٿو، "تہ زخم رسائيندڙ هٿيار کي مرهم لڳائڻ سان خود، زخم کي چٽائي سگهبو." انهيءَ تجربي ۾، معتبر ماڻهن جي قول مطابق (حالانڪ آءٌ بذات خود، ان ۾ يقين ڪرڻ لاءِ مڪمل طور آماده ڪونہ آهيان) هيڏيان نڪتا ياد رکڻا پوندا: جيڪو مرهم هٿيار کي لڳائبو آهي، سو مختلف جزن جو مرڪب هوندو آهي، جن مان سڀ کان زياده عجيب ۽ مشڪل دستياب ٿيندڙ شيون هي آهن ــ بي گورو ڪفن لاش جي

* سر فرئنسز بيڪن (۱۶۲۶ع-۱۵۶۱ع) انگلنڈ جو عظيم فيلسوف ۽ مصنف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوپريءَ تي جميل سينور ۽ انهيءَ سوئر ۽ انهيءَ رڄ جون چربيون، جن ڪي لڳ ڪندي ماريو ويو هجي." انهن ۽ ٻن اهڙن جزن مان تيار ڪيل قيمتي مرهم، هن فيلسوف جي سمجهاڻيءَ مطابق، زخميءَ جي گهاءَ ڪي نہ، پر هٿيار ڪي لڳايو ويندو هو- حالانڪ زخمي ڪيترن ئي ميلن جي مفاصلي تي هوندو هو ۽ ان لاجواب مرهم جي سندس ملائڪن ڪي ب خبر ڪانہ هوندي هئي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ تجربي جي دوران ۾، زخميءَ جي ساڻيءَ ئي لاعلميءَ جي حالت ۾، جڏهن هٿيار تان مرهم ڪي اڳهي چڏيو ويو، تڏهن ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو بدنصيب زخمي هڪدم وري درد ڪان دانهون ڪرڻ لڳو ۽ تيسين ڪندو رهيو جيسين هٿيار ڪي وري مرهم نہ لڳايو ويو. ازانسواءَ "اها ب خاطري ڏني وڃي ٿي تہ جيڪڏهن زخم رسائيندڙ اصل هٿيار هٿ نہ لڳي، تہ ان حالت ۾ ان سان مشابهت رکندڙ ڪاليءَ يا لوهہ جو ٻيو ڪو اوزار زخم ۾ وجهي ان سان زخم مان رت ڪيڃي، ۽ پوءِ ان اوزار ڪي مرهم لڳائيجي، تہ پوءِ ب ساڳيو ئي مقصد حاصل ٿيندو ۽ مرهم جو اثر اوس ظاهر ٿيندو." اهڙي قسم جا علاج، جن ڏانهن بيڪن جهڙي ماڻهوءَ جو ب هيڪر ڏيان چڪجي ويو، سي اڄ ب مشرقي انگلستان جي ضلعن ۾ عام جام آهن. چنانچہ سفوڪ علائقي ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ڪي ڏاڍي يا ڪنڊي، سان وڍي يا زخمي وجهندو آهي، تہ زخم ڪ، خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، هو ان هٿيار ڪي ڏاڍي احتياط سان گهمائي ۽ سٽيو ڪري رکندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڪنڊو لڳندو آهي يا بقول سندس، ڪيس هٿ ۾ ڪنڊي گهڙي ويندي آهي، تہ ڪنڊي ڪي باهر ڪيڃي، ان ڪي تيل لڳائي رکي چڏيندو آهي. هڪڙو ماڻهو ڊاڪٽر ڏانهن سڃيل هٿ کڻي آيو، جو ڪيس جهنگ صاف ڪندي ڪنڊو لڳي ويو هو. جڏهن ڪيس چيو ويو تہ "هٿ تہ گند سان ڀرجي ويو اٿئي"، تہ هن هڪدم چيو، "اٿين ٿيڻ تہ نہ گهرجي، جو مون 'ڪنڊ' ڪي باهر ڪڍي، ڇڪيءَ طرح سٽيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رکي چڏيو هو." جوڪڏهن ڪنهن گهوڙي جي سنب ۾ ڪٽي ڪو ڪوڪو ڇڀي ويندو، تہ سفوک جو سائيس گهوڙي جي سنب کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ گهٽو ڪري ڪوڪي کي سنب مان ڇڪي ڪڍي، ان کي حفاظت سان رکي چڏيندو ۽ هر روز ان کي صاف ڪندو ۽ سٹيو ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح ڪئپٽن جرجشاير جا مزدور سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن گهوڙي کي پير ۾ ڪوڪو لڳو آهي تہ پوءِ ڪوڪي کي سوئر جي چربيءَ يا تيل سان سٹيو ڪري، حفاظت سان سنيالي رکڻ ضروري آهي، نہ تہ گهوڙو صحتياب نہ ٿيندو. ڪجهہ سال اڳ، جانورن جي هڪ ڊاڪٽر کي ڪنهن اهڙي گهوڙي جي علاج ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو، جنهن جي ڪک ٻنيءَ جي ڪڙهہ جي انجيس سان ڪنهن سبب بار بار لڳڻ ڪري چير چير ٿي ويئي هئي. سر زمين تي پهچڻ کان پوءِ، هن ڏٺو تہ زخمي گهوڙي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو ويو هو، پر هڪ ماڻهو دروازي مان انجيس ڪيڏ کي لڳو پيو هو، تہ جيئن ان کي سٹيو ڪري، حفاظت سان رکيو وڃي — چو تہ ڪئپٽن جرجشاير جي ڏاهن جي چوڻ موجب اهو عمل گهوڙي جي چگهيلائيءَ ۾ مدد ڏيندو. ساڳيءَ طرح اسهڪس جي دهقانين جو رايو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي چاڪون لڳو هجي، تہ زخميءَ جي صحتيابيءَ لاءِ ضروري آهي تہ چاڪونءَ کي سٹيو ڪري، ان بستري تي آڏو ڪري رکجي جنهن تي زخمي ستو پيو هجي. عين انهيءَ طرح، ٻوبريا ۾، جنهن کهاڙيءَ مان ڪنهن کي زخم رسندو آهي، تنهن کي چربيءَ سان سٹيي ڪيل اڳڙيءَ ۾ ويڑهي رکي چڏڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي، پر ان ۾ هيءَ خبرداري ڪرڻي هوندي آهي جو کهاڙيءَ جي ڦر کي اڳڙيءَ ۾ ويڑهڻ وقت ان جو ڦر مٽي اپو ڪري رکبو آهي: جيئن کهاڙيءَ جي چربي سڪندي ويندي، تيئن زخم بہ چوڏو ٻڌندو ويندو. ساڳيءَ طرح هارزجبلن وارا چوندا آهن تہ جيڪڏهن هٿ ويڃي پوي، تہ ان چريءَ يا ڪينچيءَ کي، جنهن سان زخم پهتو هجي، چربي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائي، "ہپناٽزم، بت ۽ روح‌القدس" جي ٺالي ۾ ڪنهن خشڪ جاءِ تي رکي چڏڻ گهرجي. جيئن جيئن چري يا ڪينچي سڪندي ويندي، تيئن تيئن زخم ۾ سڪندو ويندو. ٻيا ماڻهو وري، جرمنيءَ ۾، چوندا آهن ته زخم رسائيندڙ چاکونءَ کي زمين ۾ ڪنهن آلي هٿ تي کوڙي چڏجي، چو ته جيئن چاکونءَ کي زنگ وٺندو ويندو، تيئن زخم ۾ چٽندو ويندو. ٻئويريا جا ماڻهو وري چوندا آهن ته چاکونءَ يا ٻئي ڪنهن ۾ هٿيار تي، جنهن سان زخم آيل هجي، رت ٽڪي، ان کي ڇڇهريءَ مٿان رکي چڏڻ گهرجي.

ويچار جو اهو سلسلو، جيڪو آمريڪا ۽ مئلينيشيا جي وحشين سان گڏ، ساڳئي وقت انگريزن ۽ جرمن دهقانن کي معقول نظر اچي ٿو، تنهن کي مرڪزي آسٽريليا چي وحشين اڃا ۾ هڪ قدم اڳتي وڃي ڇڪايو آهي؛ اهي وحشي چوندا آهن ته ڪن حالتن ۾ زخميءَ جي ويجهن عزيزن کي پنهنجي بت تي چربي لائڻ گهرجي، غذا ۾ پرهيز ڪرڻ گهرجي، ۽ زخميءَ جي جلد ازجلد صحتيابيءَ لاءِ پين ۾ ڪيترن اهڙن نمونن سان پنهنجي هلت چلت ۾ ضابطو ۽ باقاعدگي پيدا ڪرڻ گهرجي. چنانچ جڏهن ڪنهن ڇوڪري جو طهر ڪيو ويندو آهي ۽ هو اڃا پوريءَ طرح نه ڇٽو هوندو آهي، تڏهن سندس ماءُ کي لوڙيءَ[1] (هڪ خاص قسم جي) ڪيڑيءَ، ڇنڪمري (ڪنياري) نائگ جو گوشت ۽ ڪنهن ۾ قسم جي چربي، نه کائڻ گهرجي، چو ته انهن چيزن جي کائڻ سان ڇوڪري جو زخم دير سان چٽندو. اهڙي موقعي تي هوءَ پنهنجي ڪاڪ جي رنبين کي هر روز چربي لڳائيندي آهي ۽ انهن کي پنهنجي اکين ڪان ڪڍهن ۾ پري نه ڪندي آهي، رات جو انهن کي مٿي هيٺان رکي سمهندي آهي ۽ ڪنهن کي ۾ انهن کائڻ کي هٽ لائڻ جي اجازت نه هوندي آهي. هر روز هوءَ پنهنجي سڄي بدن کي ۾ چربيءَ سان مالش ڪندي آهي، چو ته انهيءَ طريقي سان سندس بت جي شفايابيءَ ۾ مدد ملندي. انهيءَ ساڳئي اصول ۾ اڃا ۾ هڪ ٻيءَ نفاست جو سهرو وري عقلمند جرمن

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

دهقانين جي سر تي آهي. چيو وڃي ٿو ته جڏهن سندن ڪنهن سوئر يا رڍ جي ٽنگ ٻڃي پوندي آهي، ته ٻئي ريا يا هيس علائقي جو ڪڙهي ڪنهن ڪرسيءَ جي ٽنگ کي اهڙيءَ طرح باقاعدي پٽيون ۽ ڪائيون ٻڌندو آهي، جيئن ٽٽل هڏيءَ کي جوڙڻ لاءِ ٻڌيون ويندیون آهن. ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن تائين ڪو به ان ڪرسيءَ تي نه ويهي، نه ان کي چوري پوري، ۽ نه ان سان ٽڪرجي ٽاپو کائي، چو ته اڃين ڪرڻ سان زخمي رڍ يا سوئر کي سخت سور ٿيندو ۽ ان جي صحتيابيءَ ۾ دير پوندي. هن ٻوڌين حالت ۾، صاف ظاهر آهي ته اسان قرابتي جادوءَ جي دائري کان بلڪل ٻاهر نڪري ويا آهيون، ۽ نسبتي يا نقالي جادوءَ جي حد ۾ اچي داخل ٿيا آهيون. ڪرسيءَ جي ٽنگ، جنهن جو جانور جي بجاءِ علاج ڪيو وڃي ٿو، ڪنهن به صورت ۾ جانور جي ٽنگ کان ٻاهر آهي، ۽ ان کي پٽين وغيره ٻڌڻ جو عمل انهيءَ علاج جو محض نقل آهي، جو هڪ زياده حقيقت پسندانه جراحتي وسيلي هوند اصلي زخميءَ جو ڪيو وڃي.

ماڻهوءَ ۽ ان کي زخم رسائيندڙ هٿيار جي درميان جيڪو هم آهنگي رابطو موجود سمجهيو وڃي ٿو، تنهن جو بنياد شايد ان خيال تي رکيل معلوم ٿئي ٿو ته هٿيار تي لڳل رت زخميءَ جي بدن واري رت سان گڏ دک درد محسوس ڪندو رهي ٿو. ساڳئي ئي سبب ڪري، نيوگائنا جي پرين، ٽيوفيلو نالي هڪ ٻيٽ جا پاپوئان قبائل انهن پٽين کي، جن سان سندن زخم ٻڌل هوندا آهن، ڏاڍي احتياط سان سنڀ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن، ته متان اهي ڪنهن دشمن جي ور چڙهي وڃن ۽ اهو مٽن انهن پٽين ذريعي جادو ڪري کين ڪو نقصان رسائي. هڪ دفعي هڪ اهڙو ماڻهو، جنهن جي وات جي زخم مان مسلسل رت وهي رهيو هو، عيسائي مبلغن وٽ علاج لاءِ آيو، تڏهن سندس وفادار زال ڏاڍي احتياط سان هن جو سڄو رت ميڙي سنڀ ۾ اڇلائيندي رهي. اهو ويچار اسان کي ڪيتري قدر به اوپرو ۽ غير فطري ڪٽي معلوم ٿئي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد اهو هن ويچار کان هر صورت ۾ گهٽ غير فطري آهي ته "ماٹهوءَ ۽ سندس ڪپڙن جي درميان جادو اثر هڪ آهنگي قائم رهي ٿي، جنهنڪري سندس ڪپڙن تي جيڪو به عمل ڪبو، تنهن جو اثر ان ماٹهوءَ تي، پنهنجن ڪپڙن کان دور هئڻ جي باوجود، ظاهر ٿيندو". وڪٽوريا جي ووجوباڪ ٽيبلي‌واون جو جادوگر ڪڏهن ڪڏهن ماٹهوءَ جي پشمي ڪٽي کي هٿ ڪري، ان کي آهستي آهستي باهه تي تپائيندو آهي ۽ هو سمجهندو آهي ته جيئن ڪٽي کي زياده گرمي پهچندي، تيئن ان جو مالڪ بيمار ٿيندو ويندو. جيڪڏهن جادوگر پنهنجي جادوءَ جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ رضامند ٿيندو، ته هو اهو ڪٽو بيمار جي دوستن کي ڏيئي کين هدايت ڪندو ته ان ڪٽي کي پاڻيءَ ۾ وجهي، "ان جي باهه کي ڏوئي ڇڏين." ائين ڪرڻ سان بيمار کي تازگي ۽ فرحت نصيب ٿيندي ۽ هو شايد بچي ويندو. نيو هيبرائيڊس ٻيٽ مان ٽانا نالي هڪ بيت ۾، جيڪڏهن ڪو ماٹهو ڪنهن سان ناراض ٿي هن جي موت جو خواهان ٿيندو آهي، ته هو پنهنجي دشمن جي ڳهر لڳل ڪپڙي جي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن هو اهڙن ڪپڙن کي دستياب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، ته پوءِ انهن تي هڪ خاص قسم جي وڻ جا پن ۽ ڪڇڙيون ٽاريون ويهي، ڪپڙن پنن ۽ انهن ڪڇڙين ٽارين کي ڏاڍيءَ حفاظت سان ويڙهي، هڪ ڏگهو بنڊل ٺاهي، ان کي باهه جي مٿان آهستي آهستي ويهي تپائيندو. جيئن اهو بنڊل تپڻ شروع ڪندو، تيئن اهو دشمن به بيمار ٿي پوندو ۽ جڏهن بنڊل سڙي رک ٿي ويندو، تڏهن دشمن مري ويندو. انهيءَ پوئين جادوءَ ۾، ماٹهوءَ ۽ سندس ڪپڙن جي درميان اهڙو ئي هم‌آهنگي رابطو موجود سمجهيو وڃي ٿو، جهڙو ساٹس سندس جسم مان خارج ٿيل پگهر جو، يا اهڙي قسم جي ٻين مثالن ۾، ماٹهوءَ کي جادوگر جي قبضي هيٺ آڻڻ لاءِ سندس ڪپڑا ئي ڪافي سمجهيا ويندا آهن. ٿيوڪرائيٽس*

* يونان جو هڪ قديم ٽاميارو شاعر - جر: آٽڪل ۳ صدي عيسوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري ڏاڻ، پنهنجي بيوفا عاشق کي پنهنجي محبت ۽ "گارنٽ" لاءِ، جڏهن هن جي هٿرادو ٿهيل پتلي، يا مينڊ جي هڪڙي ڪنڊي کي، باهه ۾ ڪاري ٿي، تڏهن ساڳئي ئي وقت هن جي چوڻي جي ڏاڪي کي ٻڌ باهه ۾ ساڙڻ کان غافل نٿي رهي، جيڪو سندس گهر ۽ سندس عاشق جي چوڻي مان نڪري ڪري پيو هو. پر شيا وارا چوندا آهن ته جيڪڏهن چور کي نه پڪڑي سگهجي، ته ان جو بهو بهترين طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته چور جو ڪو ڪپڙو هٿ ڪجي، جو هن پڄڻ وقت اتي ڪيرايو هجي، پوءِ ته جيڪڏهن ان ڪپڙي کي خوب مار ڪيڻي، ته چور جتي هوندو اتي بيمار ٿي پوندو. عام ماڻهن جو انهيءَ اعتقاد ۽ ڏاڍو پختو يقين آهي، اڪثر اسي يا نوي سال اڳ، بيرينڊ جي پسگردائيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي ماکي چورائيندي ڏسي ورتائون، ۽ هو اٿي ڀڳو، پڄري پڄندي، ڪٽي ڪوٽ ڪري پيس. جڏهن چور کي اها خبر پيئي ته ماکيءَ جو مالڪ ڪاوڙ ۾ اچي سندس وڇايل ڪوٽ کي ڏوندڙي ۽ ماري ڪٽي رهيو هو، تڏهن کيس اهڙي ته هراس اچي ورتو، جو وڃي بستري ۾ پيو ۽ ٽيٽ مري ويو.

ماڻهوءَ تي نه فقط سندس ڪپڙن ۽ جسر کان جدا ٿيل حصن جي وسيلي، هم آهنگي اصول مطابق، جادو ڪري سگهجي ٿو، پر مٽس ساڳيوئي عمل سندس جسر جي انهن نشانن جي ذريعي به ڪري سگهجي ٿو، جي هو هلندي، ويهندي يا سمهندي ريتيءَ يا مٽيءَ تي ڇڏي ٿو. خاص طرح هي وهم ته سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل آهي ته پيرن جي نشانن کي ضرر رسائي انهن پيرن کي نقصان پهچائي سگهبو، جن اهي نشان ڇڏيا هوندا. چنانچ جنوب مشرقي آسٽريليا جا وحشي سمجهندا آهن ته هو ڪنهن به ماڻهوءَ جي پيرن جي نشانن ۾ بلور جا نوڪدار ٽڪرا، شيشا، هڏا يا ڪوئلا رکي ان ماڻهوءَ کي منڊو ڪري سگهن ٿا. وجع المفاصل (سنڌن) جو سور گهٽو ڪري سمجهيو ئي ڪنهن اهڙي سبب کان ويندو آهي. تاتنگو لنگ قبيلي جي هڪ وحشيءَ کي منڊ ڪائيندو ڏسي، ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هووٽ ڪائنس ان جو سبب دريافت ڪيو، تہ هن جواب ڏنو تہ "ڪنهن ماڻهوءَ منهنجي پير ۾ 'هوتل' وڌي آهي." درحقيقت هن کي وجع المفاصل جو سور هو، پر هن کي اهو يقين هو تہ ڪنهن دشمن کي سندس پير جو چڏيل نشان هٽ لڳي ويو آهي ۽ هن ان ۾ ڪنهن ٽنل هوتل جو ٽڪرو دفن ڪيو آهي، جنهن جي جادوءَ جو اثر سندس پير اندر گهڙي ويو آهي.

اهڙيون ئي رسمون يورپ جي مختلف علائقن ۾ مروج آهن. چنانچہ ميڪلينبرگ ۾ سمجهيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي پير جي نشان ۾ ڪوڪو ٽوڪجي تہ اهو منڌو ٿي پوندو، ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن تہ اهو ڪوڪو ڪنهن "ڪفن جي صندوق" مان نڪتل هڏن گهرجي. فرانس جي ڪن علائقن ۾ ۽ دشمن کي ضرر پهچائڻ لاءِ ساڳيو ئي ڍنگ اختيار ڪيو ويندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ سفوڪ جي اسٽوڪوٽ ۾ هڪ پوڙهي اڪثر ايندي رهندي هئي، ۽ هوءَ ڊائڻ هئي. جيڪڏهن هن پوڙهيءَ جي گهمندي گهمندي، ڪو سندس پنيان وڃي، سندس پير جي نشان ۾ چاڪون يا ڪوڪو ٽوڪيندو هو، تہ هوءَ تيسين اتان کان هڪ قدم بہ اڳتي چري نہ سگهندي هئي، جيسين اهو چاڪون يا ڪوڪو وري چڪي. ٻاهر نہ ڪڍيو ويندو هو. جنوبي سلٽون جي ڇوڪري پنهنجي محبوب جي پير جي نشان جي مٽي ڪٽي گلن جي ڪونڊيءَ ۾ وجهندي آهي ۽ ان کان پوءِ ڪونڊيءَ ۾ هڪڙو ٻوٽو پوکيندي آهي، جنهن جي گلن جو سونهري رنگ ڪڏهن بہ نہ ڦيرندو آهي، جيئن جيئن سنهري گل وڌندا ۽ ٽڙندا رهندا ۽ ڪڏهن بہ نہ ڦٽندا، تيئن تيئن سندس محبوب جو عشق بہ وڌندو ۽ ٽڙندو رهندو ۽ ڪڏهن بہ نہ ڦٽندو. اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ تي محبت جو جادو ان مٽيءَ ذريعي اثر ڪري ٿو، جنهن جي مٿان هو گهميو هوندو. قديم ڊينمارڪ ۾ عهدنامن طيءَ ڪرڻ جو طريقو ماڻهوءَ ۽ سندس قدمن جي نشانن جي درميان اهڙي هم آهنگي رابطي جي بنياد تي رکيل هو، عهدنامي ڪندڙ ڏريون هڪٻئي جي قدمن جي نشانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪان پنهنجو رت چٽڪارينديون هيون ۽ اهڙيءَ طرح عهد نامي تي پختي رهڻ جو وعدو ڪنديون هيون. قديم يونان ۾ به اهڙي قسم جا وهم عام هوندا هئا، جيئن ته سمجهيو ويندو هو ته جيڪڏهن گهوڙو بگهڙ جي چنبن جي نشانن کي اورانگهيندو، ته گهوڙو اتي جو اتي ئي حس ٿي بيهي رهندو. ساڳئي وقت پٿاگورس* ڏانهن هڪ اصول منسوب ڪيو ويندو آهي ته 'ڪنهن به ماڻهوءَ جي قدمن جي نشانن ۾ چاکون يا ڪوڪو نه ڪوڙڻ گهرجي'.

دنيا ۾ ڪيترن علائقن جا شڪاري، شڪار کي ڦاسائڻ لاءِ به هن فسونڪاريءَ مان فائدو وٺندا آهن. چنانچه هڪ جرمن شڪاري جانور جي ڪرن جي تازن نشانن ۾ ڪفن جي صندوق مان نڪتل ڪوڪو ٽوڪيندو آهي، جو ته هو سمجهندو آهي ته ائين ڪرڻ سان هو شڪار کي پڇ ڪان روڪي وجهندو. وڪٽوريا جا وحشي شيدي جنهن جانور جي پٺيان پوندا هئا، تنهن جي ڪرن جي نشانن تي پرندڙ ڪانڊا رکندا هئا. هاڻينڪالڻ قبيلي جا شڪاري، جانور جي ڪرن جي نشانن جي مٽي ڪٽي هوا ۾ ڦوڪي چڏيندا آهن، سندن خيال موجب ائين ڪرڻ سان جانور جتي هوندو اتي ڪيري پوندو. ٽامسن قبيلي جا ڳاڙها هندستاني زخمي هڙڻ جي رسي ۾ "تعويذ" رکي چڏيندا هئا ۽ پوءِ هو انهيءَ ڏينهن ان جو پيڇو ڪرڻ بيسود سمجهندا هئا، چو ته کين پڪ هئي ته تعويذ جي اثر ڪري، هرڻ گهٽو دور ڪونه پڄي سگهندو ۽ جلد ئي مري ويندو. ساڳيءَ طرح اوجيبوي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني شڪار تي وڃڻ وقت جنهن به پهرئين رڇ يا هرڻ جا نشان ڏسندا هئا، تن تي "دوا" رکي چڏيندا هئا، جنهن کان پوءِ هو سمجهندا هئا ته جيتوڻيڪ اهو جانور ڪائڻ ڪيترن ڏينهن جي سفر جي دوريءَ تي به هوندو، ته به ان "دوا" جي اثر ڪري جلد ئي سندن نظرن آڏو اچي ويندو، جو ته ان "دوا" ۾ اهڙو اثر سمجهيو ويندو هو، جو اها ڪيترن ڏينهن جي سفر کي سُڪائي

* مشهور يوناني رياضيدان - جم: ۵۸۲ ق.م.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چند ڪلاڪن جي سفر ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي. اولهه آفريڪا جا جهنگلي رڍن جا شڪاري، پنهنجي شڪار کي منڊي ڪرڻ لاءِ انهن جي پيرن جي نشانن تي تيز ڇهنبا ار ڪائيون ٽنبي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن هو انهن تائين آسانيءَ سان پهچي سگهن.

پر جيتوڻيڪ پيرن جا نشان جسم جي ٻين سيني عضون جي نشانن کان وڌيڪ ظاهر ٿين ٿا، ان هوندي ب جسم فقط اهي ئي نشان نہ ٿو ڇڏي، جن جي ذريعي ماٺهوءَ تي جادو ڪري سگهجي ٿو. جنوب مشرقي آسٽريليا جا وحشي قبائل سمجهندا آهن تہ ماٺهوءَ جي ٽيڪ لڳائي ويهڻ، يا ليٽي سمهي رهڻ سان، سندس جسم جي جنهن حصي جو نشان منيءَ تي رهجي وجي ٿو، تنهن ۾ بلور جا تيز ۽ نوڪدار ٽڪرا، شيشا، وغيره، دفن ڪري، ان ماٺهوءَ کي ضرر پهچائي سگهجي ٿو، انهن تيز نوڪدار شين جي جادوءَ جو اثر ئي ماٺهوءَ جي جسم اندر داخل ٿي، کيس اهي دردناڪ ۽ چيندڙ سور ڏئي ٿو، جن کي "جاهل يوروپي" وجع المفاصل جو نتيجو ٻڌائي ٿو. اسان کي اها گاله، هاڻي سمجهه ۾ اچي سگهندي تہ پٽاگورس جي پوئلڳن وٽ اهو قانون ڇو هوندو هو تہ ماٺهوءَ کي بستري مان اٺ شرط، بستري جي چادرن وغيره تي پنهنجي جسم جا پير نشان هڪدم ڌاهي صاف ڪري ڇڏڻ گهرجن. اهو قانون دشمن جي جادوءَ خلاف محض هڪ قديم حفاظتي قدم هو، جو وهمي قانونن جي وسيع سلسلي جو هڪ حصو هو، جن کي قديم زماني جي ماڻهن آٿي آٿي آخر پٽاگورس ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو هو، حالانڪ بلاشبہ يونانين جا اوائلي وحشي ابا ڏاڏا انهن وهمن سان مذڪور فيلسوف جي دور کان گهڻو اڳ روشناس هٿا.

هم آهنگ جادوءَ جي عام بنيادي اصولن جي جانچ اسان هينئر ختم ڪئي آهي. جن مثالن ذريعي مون انهن جي وضاحت ڪئي آهي، سي زياده تر انهيءَ جادوءَ جا آهن، جنهن کي ڪٽي "خانگي جادو" سڏجي، يعني اهي جادوءَ جي انهن ٽوٽن ۽ ڦٽن جا مثال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن جي انفرادي فائدي يا نقصان رسائڻ لاءِ عمل ۾ آندا ويندا آهن. ۽ وحشي معاشري ۾ عام طور، خانگي يا شخصي جادوءَ سان گڏو گڏ جادوءَ جو هڪ اهڙو سرشتو ۽ موجود رهندو آيو آهي، جنهن کي "پبلڪ جادو" سڏي سگهجي ٿو. يعني اهو جادو، جو سڄي قبيلي جي مجموعي فائدي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن ۽ اهڙي قسم جون رسمون ۽ ڪريا ڪرم رفاه عام لاءِ عمل ۾ آندا ويندا آهن، تڏهن ظاهر آهي ته ان حالت ۾ جادوگر خانگي جادوگر نه ٿو رهي، ۽ ڪنهن حد تائين هو هڪ پبلڪ جادوگر ٿيو پوي. معاشري جي مذهبي ۽ سياسي ارتقا لاءِ جادوگرن يا "عاملن" جي انهيءَ طبقي جو وجود ۽واڌارو وڏي اهميت رکي ٿو. چو ته جڏهن سڄيءَ قوم يا قبيلي جي بهبودي ۽ پلائيءَ جو دارومدار جادوءَ جي اهڙن ٽوٽن ٽيٽن جي ڪارڪردگيءَ تي رهي ٿو، تڏهن جادوگر تمام گهڻي اثر رسوخ ۽ شهرت جي منزل کي وڃي پهچي ٿو. ۽ اهڙي وقت هو آسانيءَ سان پنهنجي لاءِ سرداريءَ يا بادشاهيءَ جو رتبو ۽ اختيار حاصل ڪري وجهي ٿو. پبلڪ جادوءَ جو اهو پيشو ان صورتحال ۾ قبيلي جي سڀ کان زياده حرفتي ۽ حريص ماڻهن کي پلاڻ ڏانهن ڪشش ڪري ٿو. چو ته اهو کين عزت، دولت ۽ اختيار جي اها پيشڪش ڪري ٿو، جا زندگيءَ جي ان منزل تي پيو ڪو به پيشو کين پيش نٿو ڪري سگهي. اهڙا چالاڪ ماڻهو هڪدم پاڻي وٺن ٿا ته هن لاءِ پنهنجي ڪمزور اعتقاد، ساده ذهن ۽ ويساه وسوڙل پاڻرن کي دوکو ڏيڻ ۽ انهن جي وهمن مان فائدو وٺي پنهنجا مطلب سڌ ڪرڻ نهايت آسان آهي. ائين هرگز ناهي ته هرهڪ جادوگر هميشه ٺڳي بدمعاش ۽ ٺوڪي ٿئي ٿو، پر اوقات کيس خود به ان گاله ۾ مڪمل اعتقاد رهي ٿو ته هو واقعي انهن عجيب غريب طاقتن جو مالڪ آهي، جي سندس قبيلي جا پاڻر پنهنجي ساده لوحيءَ سبب ڏانهس منسوب ڪن ٿا. ۽ جادوگر جيترو زياده باريڪ بين ۽ تيز فهم آهي، اوترو ئي زياده آسانيءَ سان هو غلط اعتقادن جي اصليت جو اندازو لڳائي سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جي موڳن دماغن تي، مڪمل طور، غالب اچي وڃن ٿا. چنانچہ هن پيشي جا زياده هشيار فرد ٿورو يا گهڻو دوکيباز ۽ ٺوڳي ٿيڻ لاءِ چاڻي ٻجهي ضرور آماده رهندا. اهي ئي ماڻهو آهن، جي پنهنجيءَ بهتر قابليت ۽ اهليت سبب عام طرح اثر ۽ رسوخ جي چوٽيءَ تي وڃي رسندا ۽ پنهنجي لاءِ شان و شوڪت، حڪومت ۽ اختياريءَ جون اعليٰ ترين منزلون ۽ منصب حاصل ڪندا. پيشہ ور جادوگر جي راه ۾ جيڪي ڪڏون ڪوپا ۽ رنڊڪون حائل آهن، سي بيشمار آهن، جن تان عام طرح هڪ ڏڏي دماغ ۽ تيز فهم ۽ فراست وارو ماڻهو ئي پاڻ کي ٿابي ڪائڻ کان محفوظ رکي سگهندو. چو ته هيءَ ڳالهہ هميشه ياد رکڻ گهرجي ته جادوگر جي هرڪا دعويٰ درحقيقت ڪوڙي آهي، جن مان ڪنهن هڪ کي به هو، شعوري يا لاشعوري طور، دوکي ۽ شعبده بازيءَ کان سواءِ قائم ٿو رکي سگهي. ان ڪري اهڙو جادوگر، جو پنهنجن فضول دعوائن ۾ صدق دل سان ويساه رکي ٿو، سو هڪ شعوري ڏڪ جادوگر کان زياده سنگين خطري ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ هن جي باطل زندگيءَ جي ناگهاني خاتمي ٿيڻ جو هميشه زياده امڪان رهي ٿو. هڪ ايماندار ۽ ويساهي جادوگر دراصل اها اميد رکي ٿو ته سندس جادو ۽ ٽوٽا ٽيٽا هميشه سندس اميدن مطابق پنهنجو اثر ڏيکارينداِ ۽ جڏهن اهي نہ فقط محض ناڪامياب ٿين ٿا (جيئن درحقيقت اهي هميشه ناڪامياب ئي رهندا آهن)، پر جڏهن اهي ظاهر ظهور ۽ نقصانڪار نموني ڪوڙا ثابت ٿي پون ٿا (جيئن پڻ اهي اڪثر ڪوڙا ثابت ٿيندا آهن)، تڏهن ويچاري ويساهي جادوگر جي پيرن هيٺان تختوئي نڪري وڃي ٿو. هو پنهنجيَ بدمعاش ۽ چالاڪ هر پيشي وانگر اهڙي ناگهاني موقعي تي پنهنجي جادوءَ جي ناڪاميابيءَ جي سمجهاڻيءَ طور ڪنهن معقول ۽ قابل قبول بهاني ڏيڻ لاءِ تيار ئي نہ ٿو رهي، ۽ جيستائين هو پنهنجي حيرانيءَ مان نڪري ڪو بهانو ڳولي ئي ڳولي، تيستائين اڪثر سندس معتقدن مان ڪو نہ ڪو دلشڪست غصيباز جوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏڪ سان ميڇالو ئي باهر ڪڍيو وڃهس.

انهن سڀني ڳالهين جو نتيجو هي نڪرندو آهي، جو معاشري جي انهيءَ ارتقائي منزل تي، اعليٰ ترين اختياري انهن ماڻهن جي هٿ ۾ ايندي ويندي آهي، جي غير معمولي دماغي صلاحيتن جا مالڪ، پر بي اصول ۽ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ خاطر جائز ۽ ناجائز جي تميز کان بيخبر هوندا آهن. جيڪڏهن اسين انهيءَ نقصان جو، جيڪو اهڙن ماڻهن جي بدمعاشيءَ سبب پهچندو آهي، انهن نعمتن سان وزن ڪري سگهون، جن سان هو پنهنجي بالاتر فراست سان معاشري کي نوازيندا آهن، تہ معلوم ٿيندو تہ انهن جي نيڪين جو وزن سندن براين کان تمام گهٽو هوندو آهي: ڇو تہ امڪان اهو ئي معلوم ٿئي ٿو تہ دنيا ۾ زياده فتنو ۽ فساد "عقلمند بدمعاشن" جي بنسبت اعليٰ اختياريءَ وارن "ايماندار احمقن" جي هٿان ئي برپا ٿيو آهي. ممڪن آهي تہ توهان جو عقلمند ۽ چالاڪ بدمعاش، هڪ دفعو پنهنجي آرزوءَ جي عروج تي پهچڻ کان پوءِ، جڏهن ڪيس ٻيو ڪوبہ ذاتي غرض يا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ باقي نہ رهي، پنهنجون سڀ صلاحيتون، قابليتون، تجربا ۽ وسيلا عوام جي خدمت، بهبوديءَ ۽ بهتريءَ لاءِ صرف ڪري ـ ۽ گهٽو ڪري هو ائين ئي ڪندو آهي. گهڻن ماڻهن، جن اقتدار ۽ اختيار حاصل ڪرڻ لاءِ انتهائي بي اصوليءَ کان ڪم ورتو آهي، تن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ بعد، ان کي نهايت فيض رسانيءَ ۽ خدمتگذاريءَ سان استعمال ڪيو آهي، خواهہ اهو اقتدار، جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ڪمرڪشي هئي ۽ جو انهن آخرڪار حاصل ڪيو، دولت، سياسي اختيار، يا ڪنهن ٻئي قسم جو هو، سياست جي ميدان ۾ هڪ حرفتي منصوبيباز، هڪ بيرحم فاتح، آخرڪار هڪ عقلمند ۽ سخي حڪمران ثابت ٿي سگهي ٿو، جنهن کي جيئري دعائون ملن، جنهن جي موت تي هر خاص و عام ماتم ڪري ۽ جنهن لاءِ اپندڙ نسل قدرشناسيءَ ۽ ثناخوانيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا گيت گائين. جوليس سيزر* ۽ آگسٽس× جا مثال، اهڙين غير معمولي شخصيتن مان سڀ کان زياده واضح آهن. پر بيوقوف هميشه بيوقوف ئي رهي ٿو ۽ ان جي هٿن ۾ جيڏن زياده اقتدار ۽ اختيار هوندو، تيڏن هو ان کي زياده نقصانڪار نمونن ۾ استعمال ڪندو. انگلنڊ جي تاريخ جو سڀ کان زياده هاڃيڪار واقعو (آمريڪا سان قطع تعلقات) ـ ڪڏهن به پيش ڪونه آڻي ها، جيڪڏهن انگلنڊ جو بادشاهه جارج ٽيون، هڪ "ايماندار احمق" نه هجي ها.

چنانچه پهلڪ جادوءَ جو پيشو جيترو قدر وحشي معاشري تي اثر انداز ٿيو ٿي، اوترو قدر ئي معاشري جي ڪاروبار جو فيصلو قابلترين شخص جي سپرد ٿي ٿي ويو. هن پهلڪ جادوءَ جي پيشي طاقت جو توازن گويا اڪثريت جي هٿ ۾ ڏئي هڪ فرد جي حوالي ڪيو ٿي، هن پيشي جمهوريت جي بجاءِ يا زياده صحيح هيڏن چئجي ته قبيلي جي پوڙهن جي ڪڏيل وڏيراشاهيءَ جي بجاءِ سلطان شاهي قائم ڪئي، جو ته عام طرح اوائلي وحشي معاشري جي حڪومت قبيلي جي سڀني بالغ مردن جي جماعت جي هٿ ۾ نه، پر چند بزرگن جي ڪائونسل جي هٿ ۾ هوندي هئي. اها تبديلي خواه ڪهڙن به سببن ڪان رونما ٿي، يا اوائلي حڪمرانن جو ڪردار خواه ڪهڙو به هو، بهرحال نهايت فائديمند هئي، جو ته انسان جي وحشي طرز جي معاشري مان نڪري باهر اچڻ لاءِ هڪ ماڏهوءَ جي حڪومت يا "سلطان شاهيءَ" جو رونما ٿيڻ هڪ لازمي شرط معلوم ٿئي ٿو. ڪوبه انسان روايت ۽ رسم و رواج جي تقليدي زنجيرن ۾ ايترقدو مضبوطيءَ سان جڪڙيل ڪونهي، جهڙو اوائلي جمهوري معاشري جو هڪ وحشي، نتيجي طور ڪنهن به پيءَ طرز واري معاشري ۾ انسان جي انفرادي توڙي اجتماعي ترقي ايترقدر سست رفتار ۽ دشوار ڪانهي، جيترقدر ان ابتدائي جمهوري معاشري ۾. اهو پراڻو نظريو ته "هڪ وحشي دنيا جو سڀ کان زياده آزاد انسان

* روم جو مشهور اوائلي حڪمران ـ جنم: ۱۲ جولاءِ ۱۰۰ ق. م.
× روم جو هڪ شهنشاهه (۶۳ ق. م. ۱۴ ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي"، حقيقت جي بلڪل اُبرعڪس آهي. اها حقيقت آهي ته وحشي انسان ڪنهن به ظاهري آقا جو غلام ڪونهي، پر هو پنهنجي ماضيءَ جو هٿين پيرين ٻڌل هڪ بنهه بيوس غلام آهي، هو غلام آهي پنهنجي مري ويل ابن ڏاڏن جي روحن جو، جي سندس جمع ڪان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين هر قدم تي پاڇولي وانگر سندس پٺيان چنبڙيا رهن ٿا، ۽ جي مٿس فولادي ڏنڊي سان هر حالت ۾ حڪم هلائين ٿا. انهن جيڪي ڪيو هو، سو هن لاءِ حق ۽ سچ جو هڪ اٽل ٿر ۽ واحد نمونو ۽ همیشه قائم رهندڙ هڪ اٽل لکيل قانون آهي، جنهن جي هو بغير ڪنهن چون و چرا ۽ ڪم و ڪاست جي تعميل ۽ انڌي تقليد ڪري ٿو. ان صورتحال ۾ بهترين صلاحيتن ۽ قابليتن جي مالڪ کي به پراڻين ۽ فرسوده رسمن جي جاءِ تي بهتر ۽ معقول رسمن کي رائج ڪرڻ لاءِ ذري برابر به موقعو ملي نه ٿو سگهي. قابلترين شخصيت کي هڪ انتهائي موڳي دماغ وارو ماڻهو، پاڻ کي پنهنجن بزرگن جي ايمان ۽ عمل جو سڀ کان زياده عقيدتمند ۽ پوئلڳ سڏائي ۽ ثابت ڪري، پاڻ سان گڏ پستيءَ طرف ڇڪي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته جنهن صورتحال ۾ هڪ موڳو بلنديءَ طرف وک نه ٿو وڌائي سگهي، اتي ساڻس سلهاڙيل هڪ هشيار ۽ قابل ماڻهو هن سان گڏ گهلجي اوڙاه ۾ ته وڃي سگهي ٿو! جيتريقدر فطرتي ناهموارين، ذاتي صلاحيتن ۽ مزاج جي بين ناقابل پيمائش تفاوتن کي ميٽائي، هڪ غلط ۽ اچاتريءَ مساوت جيي نمائش انساني وس ۾ آهي، اوتريقدر اهڙو معاشرو، سطحي طور، برابر هڪ مرده يڪانگت ۽ هڪجهڙائيءَ جو نظارو پيش ڪري ٿو. اها هرڪا چيز جيڪا انساني معاشري کي اهڙيءَ پست ۽ مرده صورتحال سان (جنهن کي اڄڪلهه هلي ڪن مرليباز خطيبن ۽ خواب جي دنيا ۾ رهندڙ فيلسوفن، "مثالي معاشرو" ۽ "انسانيت جو زرين دور" جهڙن خوبصورت نالن سان سڏي، ان جي تعريف جا گيت ڳايا آهن) ڇڪي، پستيءَ جي اوڙاه ۾ ڪيڏيءَ ۽ ان جي هرهڪ قدر کي سندس لياقتن ۽ قابليتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابق اختيارات جي مختلف درجن تي پهچائڻ ۾ مدد ڏئي، تنهن جو هر اهو شخص دلي خيرمقدم ڪندو، جنهن جي دل ۾ انسان ذات جي حقيقي بهتريءَ ۽ پلائيءَ جو اونو هوندو. هڪ دفعو جڏهن اهڙا ارادا ۽ اهڙا خيال پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪن ٿا ـ ۽ انهن کي هميشه لاءِ دٻائي رکڻ ناممڪن آهي ـ تڏهن انساني تهذيب ۽ سڀيتا جو واڌارو نسبتاً تيزيءَ سان ٿئي ٿو. هڪڙو واحد شخص، اقتدار جي عروج تي پهچڻ کان پوءِ، پنهنجيءَ مختصر حياتيءَ جي دوران ۾ ايتريون تبديليون آڻي سگهي ٿو، جي ڪانئس اڳ بيشمار پيڑهين ۾ به ممڪن نه هيون؛ ۽ جيڪڏهن هو غيرمعمولي قابليت ۽ حوصلي جو مالڪ آهي (جيئن اڪثر اتفاق به اهڙو ئي واقع پئي ٿيو آهي)، تہ پوءِ هو هٿ آيل موقعي کي غنيمت سڃاڻي، ضرور ان مان انتهائي فائدو حاصل ڪندو. هڪ ظالم ۽ سرڪش حڪمران جي زود رنجي ۽ شغل پسنديءَ به اڪثر حالتن ۾ رسمن ۽ روايتن جي انهيءَ وزنڌار زنجيرکي ٽوڙڻ لاءِ ڪارآمد ۽ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ هڪ وحشي چوڪنيو جڪڙيل رهي ٿو. جيئن ئي هڪ قبيلو پنهنجن پرين مڙسن جي بزدلانہ ۽ هڪٻئي جي مخالف مشورن کان متاثر ٿيڻ کي ترڪ ڪري، هڪ سخت گير ۽ مضبوط ارادي واري مهندار جي هدايتن تي عمل پيرا ٿيڻ لڳي ٿو، تيئن ئي اهو قبيلو پنهنجن ٻين همسايہ قبيلن کان زياده طاقتور ٿي، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي نئين دور ۾ قدم رکي ٿو. تاريخ جي اوائلي دورن ۾ اهو طريقو انسان جي سماجي، صنعتي ۽ ذهني واڌاري لاءِ نهايت سازگار ثابت ٿيو آهي، جو تہ اهڙو قبيلو، ڪجهہ پنهنجي قوت بازوءَ جي زور تي ۽ ڪجهہ ڪمزور قبيلن جي رضاڪارانہ طور پيش پوڻ ڪري، جلد ئي دولت ۽ غلام هٿ ڪري ٿو، جي به ٻي نعمتون قبيلي جي ڪن خاص طبقن کي محض پيٽ پرڻ جي دائمي جدوجهد کان نجات ڏيئي، کين علم ۽ عرفان جي انهيءَ بي غرض ۽ مخلص جستجو ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون، جيڪا انساني زندگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي بهتر بنائڻ جو هر دور ۾ هر حالت ۾ سڀ کان زياده طاقتور ۽ لائق هٿيار ثابت ٿي آهي.

انسان جي ذهني ترقيءَ کي جيڪا هميشه سائنس، ادب ۽ زياده آزاد خياليءَ ۽ وسيع قلبيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، انسان جي صنعتي ۽ اقتصادي ترقيءَ کان علحده نه ٿو ڪري سگهجي: انسان جي صنعتي ۽ اقتصادي ترقيءَ کي پنهنجي جاءِ تي وري فتوحات ۽ سلطنت سازيءَ کان ئي وڌي تقويت حاصل ٿئي ٿي. تاريخ جو هي ڪو محض حادثو ڪونهي ته فتوحات کان هڪدم پوءِ، هميشه فڪر جي ڪائنڪا انقلاب آفرين تحريڪ وجود ۾ آئي آهي، ۽ دنيا جي عظيم فاتح قومن اڪثر انساني تهذيب کي ڦهلائڻ ۽ ترقي ڏيڻ جي راه ۾ گهٽو ڪجهه ڪيو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح انهن جنگ جي دوران ۾ جيڪي زخم رسايا آهن، سي صلح ۽ آشتيءَ جي دور ۾ انهن وري چٽايا يا آهن. اسان جي انهيءَ دعويٰ جي حق ۾ بابلي، يوناني، روسي ۽ عرب ماضيءَ جا شاهد آهن: ممڪن آهي ته اسين پنهنجي حياتيءَ ۾ اهڙي قسم جي هڪ انقلاب آفرين تحريڪ جهان مان يا اڏندي ڏسون. تاريخ جي گذريل دورن تي نگاه وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته تاريخ جو اهو يا ڪو حادثو ڪونه آهي ته تهذيب جي ميدان ۾ پهريون وڌيون هرانگهون مصر، بابل ۽ پيروءَ جهڙين مطلق‌العنان ۽ مذهبي حڪومتن جي ماتحت ٿي ڪنيون ويٺون آهن، جن جي اعليٰ حڪمرانن هميشه بادشاه ۽ ديوتا جي هٿيءَ حيثيت ۾، پنهنجيءَ رعايا کان غلامن جهڙي مڃتا ۽ پانهپ ڪرائي. هن ڳالهه ۾ يا ڪو وڌاءُ ڪونهي (۽ باوجود ان جي ته اها متضاد معلوم ٿي ٿئي، اها حقيقت يا آهي) ته ابتدائي دور ۾ مطلق‌العناني نه فقط انسانيت جي عام فلاح و بهبود ۾ ان جي آزاديءَ جي يا بهترين دوست ثابت ٿي آهي: چو ته انهيءَ انتهائي مطلق‌العنانيءَ ۽ پيسيندڙ ظلم ۽ زبردستيءَ جي سايي ۾، وحشي زندگيءَ جي ظاهري ۽ اچاتريءَ آزاديءَ پنسبت ـ جتي هڪ فرد جي قسمت پينگهي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولي قبر تائين موروثي ۽ روايتي رسم جي غلاديء سانچي ۾ بند ٿيل ٿي ـ عام انسانن کي زياده ۽ بهتر قسم جي آزادي ميسر ٿئي ٿي، اها آزادي آهي: حسب منشا سوچڻ ويچارڻ جي آزادي، ۽ پنهنجيءَ قسمت کي پاڻ سنوارڻ جي آزادي.

ان ڪري، جيترينقدر جماعتي جادوءَ جو پيشو انهن شاهراهن مان هڪ رهيو آهي، جنهن تان قابلترين شخصيتون گامزن ٿي اقتدار جي عروج تي وڃي پهتيون آهن، اوترينقدر جادوءَ جي پيشي انسان کي روايت جي غلاميءَ کان نجات ڏياري، ڪيس هڪ زياده وسيع دائري واريءَ دنيا ۾، هڪ زياده عظيم ۽ زياده آزاد زندگيءَ گذارڻ جي موقعي فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انسان ذات جي پلائيءَ لاءِ جادوءَ اها ڪا گهٽ خدمت سرانجام ڪانہ ڏني آهي. ۽ جڏهن هيءَ مزيد حقيقت خيال ۾ ٿي آڻجي تہ جادوءَ ٻئي طرف سائنس جي شاهراه کي پڻ گهڙيو، ٻاهيو ۽ هموار ڪيو آهي، تڏهن اسان کي بهرحال قبول ڪرڻو ئي پوي ٿو تہ جيڪڏهن هڪ طرف هي "ڪارو علم" دنيا ۾ گهٽيءَ خرابيءَ جو باعث ٿيو، تہ ٻئي طرف اهو ٻني نوع انسان واسطيُ ڪافي مفيد ۽ ثابت ٿيو: هڪ طرف جادو جيڪڏهن جهالت جو اولاد آهي، تہ ٻئي طرف هو آزاديءَ ۽ صداقت جي ماءُ پڻ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

جادو ۽ مذهب

مٿين باب ۾ جيڪي مثال جمع ڪيا ويا آهن، سي هر آهنگ جادوءَ جي عام بنيادي اصولن کي، ان جي بن مکيه شاخن جي صورت ۾ جن کي آسان علي الترتيب نسبتي ۽ قرابتي جادوءَ جا نالا ڏنا آهن، واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. جادوءَ جا جيڪي مثال آسان جي اکين آيا آهن، تن مان ڪن ۾ آسان ڏٺو ته "روحن" يا غيبي طاقتن جي مداخلت کي فرض ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ دعا ۽ قرباني ڪئي وئي آهي. پر اهڙا مثال، مجموعي طور، اتفاقي يا استثنائي هئا. ۽ منجهن جادوءَ ۽ مذهب جي ملاوٽ جو مظاهرو ڪيل هو. برعڪس ان جي، جتي به هر آهنگ جادو پنهنجيءَ خالص يا نج صورت ۾ واقع ٿئي ٿو، اتي اهو هن حقيقت کي تسليم ڪري ٿو ته فطرت جي نظام ۾ واقعات هڪٻئي جي پٺيان لازمي طور ۽ بغير ڪنهن ٽال مٽول جي، ڪنهن به غيبي طاقت يا شخصي هستيءَ جي مداخلت کان سواءِ، ازخود وقوع پذير ٿيندا رهن ٿا. اهڙيءَ طرح ان جو بنيادي نظريو، جديد سائنس جي نظريي جهڙو آهي. هر آهنگ جادوءَ جي سڃي سرشتي ۾، "فطرت جي يڪجهتيءَ ۽ مستقل تنظيم" جو حقيقي ۽ پختو اعتقاد پوشيده آهي. جادوگر کي ان ۾ ڪو به شڪ شبهو ڪونهي ته ساڳيا سبب هميشه ساڳيا ئي نتيجا ظاهر ڪندا، ڪيس هن گالهه ۾ مڪمل ويساه رهي ٿو ته ضروري سائن سڌڻ ۽ موزون منترن جي باقاعده عمل سان لازمي طرح گهربل نتيجو ظاهر ٿيندو، بشرطيڪ هيو ڪو جادوگر وچ ۾ ٻندس عمل کي زياده طاقتور ۽ مؤثر منترن، وسيلي رد نه ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي. جادوگر کنهن مٿاهينءَ هستيءَ آڏو آه و فرياد کوڻ ٿو ڪري، نہ وري هو کنهن پورانيءَ، خودسر ۽ ضدي هستيءَ جي رحم ڪرم جو محتاج رهي ٿو، ۽ نہ کنهن پوائتي ڏيوتا جي اڳيان پاڻ کي هيچ ۽ ذليل ئي ڪري ٿو. ان هوندي ب هو پنهنجي طاقت ۾ (جنهن کي هو پاڻ واقعي هڪ وڏي طاقت تصور ڪري ٿو) کنهن ب صورت ۾ غيرمحدود ۽ خود اختيار نہ آهي. هو اهڙا طاقت تيستائين هلائي سگهي ٿو، جيستائين هو پنهنجي پيشي جي فني قاعدن ۽ قانونن جي مڪمل پيروي ڪندو رهي ٿو: سندس سمجهہ مطابق فطرت جا قاعدا قانون بس اهي ئي آهن، هو سمجهي ٿو تہ انهن قاعدن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ انهن قانونن جي ذري برابر ب خلاف ورزي ڪرڻ سان کيس ذلت ۽ ناڪاميابي نصيب ٿيندي، ۽ ڪن حالتن ۾ تہ اهڙي قسم جي نظراندازي، يا خلاف ورزي، هڪ الهڙ ۽ ناآزمودگار جادوگر لاءِ جان جي جوکي جو سوال بنجيو وڃي. جادوگر جيڪڏهن فطرت جي مٿان حڪومت جي دعويٰ ڪري ٿو، تہ اها هڪ اهڙي "دستوري ۽ آئيني" حڪومت آهي، جا پنهنجي دائري اندر سخت محدود آهي، ۽ جنهن کي هڪ قديم ۽ تسليم شده دستور جي عين مطابق هلائڻو پوي ٿو. چنانچہ ڪائنات يا فطرت متعلق جادوءَ ۽ سائنس جي نظرين جي درميان قريبي مشابهت آهي. پنهي ۾ واقعات جي تسلسل کي باقاعده ۽ اٽل تسليم ڪيو وڃي ٿو، جي اهڙن اٽل ۽ ناقابل تبديل قاعدن جي ماتحت رونما ٿيندا رهن ٿا، جن جي ڪارڪردگيءَ متعلق اڳواٽ اندازو ۽ حساب لڳائي سگهجي ٿو. فطرت جي نظام اندر، ذاتي ارادي، اتفاق ۽ حادثي جي عنصر کي ڪا جاءِ ڪانہ آهي. اهڙي انسان اڳيان، جنهن کي فطرت جي دائري ۾ اسباب و علل جي سلسلي جي پوري جاڻ آهي ۽ جو انهن خفيہ سرچشمن کي، جي ڪائنات جي پيچيده نظام کي متحرڪ ڪن ٿا، دستياب ڪري سگهي ٿو، جادو توڙي سائنس پٽي هيڪر تہ امڪانات جو هڪ لامحدود ۽ بي پايان منظر آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو سائنس ۽ جادوءَ انساني ذهن کي پنهنجي پنهنجي طرف ايتري ڪشش ڪئي آهي، ۽ اها ئي ڪالهه آهي، جنهن سبب پنهي جي هٿان علم و عرفان جي جستجو جي قابل قدر همت افزائي ٿي آهي. پيئي، سائنس توڙي جادو، هڪ ٻڪل ۽ بيحال تفتيش ۽ تجسّس ڪندڙ ڪي، حال جي نا اميدين جي ويرانيءَ مان، مستقبل جي لا متناهي وعدن ۽ آسرن سان ريهي ريبي، اڪٽي ولي وڃن ٿا، اهي ڪيس انتهائيَ بلند جبل جي چوٽيءَ تي چاڙهي، سندس قدمن جي آسپاس ڦرندڙ گهرندڙ ڏنڊ ڪوهيري ۽ سياه بادلن جي پريان، هڪ اهڙي جنت نما شهر جو ديدار ڪرائين ٿا، جو انتهائي دور هئڻ جي باوجود، هڪ غير-ارضيَ تجليءَ سان منور ۽ خوابن جي روشنائيءَ سان ڏوتل پوتل نظر اچي ٿو.

جادوءَ جي تباهڪن غلطي انهيءَ ۾ ناهي ته اهو واقعات جي سلسلي کي قانون جي تحت رونما ٿيندڙ تسليم ڪري ٿو، پر ان جي اها غلطي انهن مخصوص قانونن جي اصلي نوعيت جي غلط اندازيَ ڪرڻ ۾ آهي، جن تي انهيءَ سلسلي جو دارومدار رهي ٿو. جيڪڏهن اسين هم آهنگ جادوءَ جي انهن مثالن جو تجزيو ڪريون، جيڪي مٿين صفحن ۾ آسان جي اکيان گذري چڪا آهن (۽ جن کي بطور مشت از خروارید سمجهي سگهجي ٿو)، ته معلوم ٿيندو ته، جيئن مون مٿي چيو آهي، اهي انساني فڪر جي هيلين ۾ وڏن بنيادي قانونن مان هڪڙي نه ٻئي قانون جي غلط استعمال جو نتيجو آهن: (۱) خيالن جو اشتراڪ، جو خيالن جي هڪجهڙائيءَ مان پيدا ٿئي ٿو، ۽ (۲) خيالن جو اشتراڪ، جو زمان ۽ مڪان جي پس منظر ۾ خيالن جي قرابت مان پيدا ٿئي ٿو. هڪجهڙن خيالن جي غلط اشتراڪ مان هم آهنگ يا نقالي جادو جنم ولي ٿو، قرابتي خيالن جي غلط اشتراڪ مان قرابتي جادو پيدا ٿئي ٿو. خيالن جي اشتراڪ جا اصول، بجاءِ خود تحقيق انساني ذهن جي نشوونما لاءِ بيحد ضروري بلڪ لازمي آهن. انهن جي جائز استعمال مان سائنس پيدا ٿئي ٿي، سندن ناجائز استعمال مان وري جادو، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائنس جو حرامزادو پاڻ آهي، سو جنم ونيو ٿو. اهو چوڻ ان ڪري مسلمات مان ٿيندو، يا ذري گهٽ تڪرار بالمعني ٿيندو، ته هر قسم جو جادو لازمي طور باطل ۽ فضول آهي: چو ته جيڪڏهن اهو صحيح ۽ نفع بخش ٿي پوي، ته ان کي جادو سڏي ئي نه سگهبو، ان صورت ۾ اهو اڳتي ئي بدلجي سائنس ٿي پوندو. ابتدا کان ولي، انسان اهڙن عام اصولن جي تلاش ۾ مصروف رهيو آهي، جن جي وسيلي هو فطرت جي نظام کي پنهنجن مقصدن ۽ مطلب جي حصول لاءِ پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهي، انهيءَ طويل جستجو ۾ هن اهڙن اصولن ۽ قانونن جو هڪ وڏو ڏير جمع ڪري ورتو آهي، جن مان کي زرين ۽ درخشان آهن، ته کي محض گند ۽ ڪچرو. صحيح يا زرين قانونن ۽ اصولن جو مجموعو مستعمل سائنس آهي، انساني هنر ۽ ڪاريگريون ان مستعمل سائنس جا مختلف روپ آهن: ۽ جيڪي باطل ۽ فضول قانون آهن، سي جادو آهن.

جادو جيڪڏهن سائنس سان اهڙي قريبي رشتي ۾ منسلڪ آهي، ته پوءِ اسان کي هڪ هي سوال اڃا درپيش ڪرڻو آهي، ته اڄ جو مذهب سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ پر انهيءَ لاڳاپي متعلق اسين جيڪو رايو قائم ڪنداسون، تنهن جو دارومدار لازمي طور انهيءَ نظريي تي رهندو، جيڪو خود مذهب جي نوعيت متعلق اسان جي ذهن ۾ موجود هوندو. ان ڪري هڪ مصنف ۾ واجبي طور اها اميد رکڻ گهرجي ته هو مذهب ۽ جادوءَ جي باهمي رشتي جي نفتيش شروع ڪرڻ کان اڳ، مذهب متعلق پنهنجي ذاتي نظريي جي وضاحت ڪري. دنيا ۾ ٻيو ڪو، اهڙو موضوع ڪونهي، جنهن جي متعلق راين ۾ ايترو اختلاف هجي، جيترو مذهب جي نوعيت متعلق، ۽ ان جي هڪ اهڙي تشريح مقرر ڪرڻ، جا هرهڪ لاءِ قابل قبول هجي يا سيني کي راضي ڪري سگهي، بنهه ناممڪن ۽ عبث آهي. هڪ مصنف وڌ ۾ وڌ ايترو ڪري سگهي ٿو ته هو پهريائين وضاحت سان ٻڌائي ته مذهب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هو پاڻ کهڙو مطلب ٿو وٺي ۽ بعد ۾ ان لفظ کي ساڳئي مطلب سان سڄي ڪتاب ۾ باقاعدگيءَ سان استعمال ڪندو اچي. چنانچہ آءٌ مذهب کي انهن فوق‌البشري قوتن کي راضي رکڻ ۽ موافق بنائڻ جو طريقو سمجهان ٿو، جي فطرتي نظام ۽ انساني زندگيءَ تي قادر سمجهيون وڃن ٿيون، ۽ جن جي متعلق هي عقيدو عام آهي تہ اهي فطرتي نظام ۽ انساني زندگيءَ کي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق هلائين چلائين ٿيون. انهيءَ تشريح مطابق، مذهب. ٻن جزن جو مرڪب آهي- هڪ نظرياتي ۽ ٻيو عملي، يعني (۱) ڪنهن هڪ فوق‌البشر طاقت يا اهڙين ڪن هڪ کان وڌيڪ طاقتن ۾ ايمان ۽ اعتقاد، ۽ (۲) ان هڪ طاقت يا هڪ کان وڌيڪ طاقتن کي راضي رکڻ يا موافق بڻائڻ جي قانونن جو سرشتو. مذهب جي دائري ۾ سندس انهن ٻنهي جزن مان پهرين فوقيت ايمان ۽ اعتقاد کي آهي، جو تہ ڪنهن ماورائي هستيءَ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان اڳ، ان هستيءَ جي وجود ۾ اعتقاد رکڻ لازمي آهي. ۽ جيسين اعتقاد عمل جي راه نٿو ڏيکاري، تيسين اهو مذهب محض ڪتابي يا زباني مذهب، چئبو. سينٽ جيمس* جي قول مطابق "عمل کان خالي اعتقاد مرده آهي، ٽلهو ۽ بيڪار." ٻين لفظن ۾ ڪوبہ شخص تيسين مذهبي يا ديندار ڪاهي، جيسين هو مالڪ حقيقيءَ جي عشق يا خوف کان متاثر ٿي، پنهنجي اعمال کي ان موجب نہ ٿو هلائي. ٻئي طرف، اعتقاد کان علاوه محض عمل جي ادائگي ۾ مذهب ناهي. ۽ ماڻهو بلڪل هڪ ئي نموني عمل ڪندا رهن، ۽ ان جي باوجود، منجهانئن هڪ مذهبي ۽ ديندار ٿي سگهي ٿو ۽ ٻيو نہ. جيڪڏهن هڪ خدا جي محبت ۽ ڊپ کان متاثر ٿي عمل ڪري ٿو تہ اهو ديندار آهي، جيڪڏهن ٻيو ماڻهو جي محبت ۽ ڊپ کان متاثر ٿي عمل ڪيرا ٿئي ٿو، تہ ان صورت ۾، جيئن سندس چال چلت مان عام ڀلائي يا عام برائي واقع ٿئي ٿي، تيئن هو نيڪ اخلاق آهي يا بد اخلاق سڏجي

* حضرت يسوع مسيح تي اوائلي ايمان آڻيندڙن مان هيءُ به هڪ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ٿو ان کري ويساه ۽ ڪم، يا مذهبي زبان ۾ ايمان ۽ اعمال، مذهب لاءِ هڪجهڙا ضروري آهن، جو ٻنهي جي باهمي موجودگيءَ کان سواءِ قائم نٿو رهي سگهي. پر اهو ڪو ضروري نه آهي ته مذهبي عمل هميشه ڪرياڪرم يا بندگيءَ ۽ عبادت جي رسمي صورت اختيار ڪري، يعني ان ۾ هروپرو قربانيون پيش ڪرڻ، دعائون پڙهڻ، ۽ بين اهڙين ظاهري رسمن يا حڪمن احڪامن جي ظاهري تعميل لازمي ڪانه آهي. ان جو مقصد فوق‌البشر هستيءَ کي راضي ڪرڻ جو آهي ۽ جيڪڏهن اها هستي اهڙي آهي، جا قربانين جي رت ڏيڻ، اشلوڪن آلاپڻ، ۽ ڏوپ واس ملائڻ جي بنسبت خيرات، رحمدليءَ ۽ تن من جي صفائيءَ ۾ وڌيڪ خوش ٿئي ٿي، ته پوءِ سندس عبادتگذار ٻانهو ڪيس سجدا ڪري، سندس نالي جون مالهائون جپي، ۽ سندس پاڪ آستانن تي قيمتي سوغاتن جا نذرانا ڏيئي نه، پر بني نوع انسان ڏانهن خلوص، رحم ۽ سخا سان پيش اچڻ سان ٿي ڪيس راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، چو ته انهيءَ ريت هو پنهنجي انساني ڪمزورين ۽ لغزشن جي ٻي منظر ۾ ان بيمثل معبود هستيءَ جي انهن ٿي پاڪ صفتن ۽ فوق‌البشري ڪمالات سان پاڻ کي مالا مال ڪندا، جن جي اها هستي ڪائنات خواهشمند آهي. مذهب جو اهو ٿي اخلاقي پهلو هو، جنهن کي هيبريو قوم جي نبين، خدا جي نيڪيءَ ۽ تقدس جي شاندار صفتن ڪان متاثر ٿي، ماڻهن کي ذهن نشين ڪرائڻ ڪان ڪڏهن به بيزاري يا ٽڪاوٽ محسوس ڪانه ڪئي. چنانچه مائڪاه* چوي ٿو: "هن توکي ڏيکاريو آهي، اي انسان، ته نيڪي چا آهي، ۽ خداوند توکان (پي) ڪهڙي طلب ڪري ٿو، سواءِ ان جي ته انصاف ڪر، رحم کي پيار ڪر، ۽ پنهنجي خدا جي راهه ۾ تواضع ۽ انڪساريءَ سان هل". ۽ اڳتي هلي، جنهن چيز جي وسيلي عيسائيت دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، سا زياده تر خدا جي هستيءَ متعلق انهيءَ ٿي بلند اخلاقي نظريي ۽ ماڻهن تي ان مطابق عمل ڪرڻ جي فرمان ڪان

* "مائڪاه جو ڪتاب"— مقدس انجيل جو هڪ حصو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ ٻي ڪا به ڪانه هئي. "خالص ۽ ڪدورت کان پاڪ مذهب"
سينٽ جيمس چوي ٿو، "خدا ۽ خلقڻهار جي اڳيان هي آهي:
يتيمن ۽ بيواهن سان سندن دک درد ۾ وڃي شامل ٿين، ۽ دنيا ۾
گوشه نشين ٿي گذارڻ."

ڀر جيڪڏهن مذهب ۾ اهي ٻ جزا موجود آهن ـ هڪ فوق‌البشر
هستين ۾ اعتقاد، جي ڪائنات تي حڪومت ڪري رهيون آهن،
۽ ٻيو سندن خوشنودين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ـ تہ ان حالت
۾ صاف ظاهر آهي تہ مذهب ان حقيقت کي تسليم ڪري ٿو تہ
فطرت جو نظام ڪنهن حد تائين لچڪدار يا ڦرندڙ ڪهرندڙ نوعيت
جو آهي، ۽ اسين انهن طاقتور هستين کي ڪنهن طرح آماده
ڪري يا هر ڪائي سگهون ٿا تہ هو فطرتي واقعات جي رخ ڪي،
اسان جي خاطر، سندن اصلوڪي رستي تان هٽائي يا بدلائي ڇڏين.
هاڻي فطرت جي اها لچڪ يا تبديلي، جنهن کي مذهب، ظاهر يا
لکل صورت ۾، تسليم ڪري ٿو، سا جادوءَ ۽ سائنس جي اصولن
جي بلڪل خلاف آهي. جادو توڙي سائنس ٻيئي ان جي عيوض
هن حقيقت کي تسليم ڪن ٿا تہ فطرت جا قانون ۽ ان جا طريقا
پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ سخت، ناقابل تبديل ۽ اٽل آهن، ۽ انهن
کي پنهنجي مقرر رستي کان نہ منٽ ميڙ ۽ آڙي ٽيڙيءَ سان ٿي
ڦيرائي سگهبو، نہ ڏڪي داب ۽ ڏپ ڏاءَ سان. ڪائنات جي
انهن ٻن متضاد نظرين جي درميان جيڪو فرق آهي، سو سندن
هن فيصلـ ڪن سوال جي، جواب تي منحصر وڃي ٿئي ٿو تہ ڪير
اهي قوتون جي هن دنيا مٿان حڪمراني هلائي رهيون آهن،
شعوري ۽ شخصيت جون مالڪ آهن، يا اهي لا شعوري ۽ غير
شخصي آهن؟' مذهب فوق‌البشري طاقتن جي خوشنودي حاصل
ڪرڻ جي خيال سان مٿين ٻن جوابن مان پهرئين جواب جو حامي
آهي. ڇو تہ هر قسم جي خوشنودي حاصل ڪرڻ يا رضاجوئيءَ
۾ اها ڳالهہ بنيادي طور پوشيده رهي ٿي تہ جنهن هستيءَ جي خوشنودي
حاصل ڪجي ٿي، سا شعوري ۽ شخصي آهي، ٻيو تہ سندس چال چلت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه قدر غير يقيني آهي ۽ سندس مرضيءَ، خواهشات ۽ جذبات کي موزون طريقي جي منت و سماجت ڪرڻ سان گهربل رخ ڏانهن ڦيري گهيري سگهبو. اهڙين شين جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪائنات ڪئي ويندي آهي، جي بيجان سمجهيون ويندیون آهن ۽ نه وري اهڙن ماڻهن کي ناهن يا راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، جن جي ڪن خاص حالات ۾ يقيني ۽ فيصلو ڪن طرز عمل متعلق اڳواٽ ئي علم هوندو آهي. چنانچ جنهن حد تائين مذهب تسليم ڪري ٿو ته ڪائنات تي ڪي شعوري هستيون حڪمراني ڪري رهيون آهن، جن کي منت ميڙ سان پنهنجي اصل مقصد ڪان ڦيرائي سگهجي ٿو، ان حد تائين ان جي سائنس ۽ جادوءَ سان بنيادي مخاصمت آهي، جي ٻيئي هن ڳالهه کي ثابت شده حقيقت تسليم ڪن ٿا ته ڪائنات جو نظام ڪن شخصي هستين جي خواهشن ۽ جذبات مطابق نه، پر ڪن ناقابل تغير ۽ خود بخود ڪم ڪندڙ قاعدن مطابق هلي ٿو. جادوءَ ۾ تحقيق، اها حقيقت پوشيده طور تسليم ٿيل آهي، پر سائنس ان کي بلڪل ظاهر ظهور تسليم ٿي ڪري. جادو ڪيترن موقعن تي واقعي "روحن" کان ڪم ولي ٿو، جي هڪ صورت ۾ مذهب جي تسليم شده شخصي هستين وانگر ئي سمجهڻ گهرجن. ۽ جڏهن ۽ هو انهن کان پنهنجي دستوري طريقي مطابق ڪم ولي ٿو، تڏهن هو انهن سان اها ئي روش اختيار ڪري ٿو، جا هو بيجان شين سان ڪندو آهي، يعني جادو انهن روحن يا غيبات کي پنهنجي مقصد لاءِ زوريءَ مجبور ڪري ٿو ۽ نه مذهب وانگر انهن کي منت ميڙ يا ارداس پيش ڪرڻ سان کين راضي ۽ آماده ٿو ڪري. چنانچ جادو تسليم ڪري ٿو ته سيئي شخصي هستيون، انساني يا خدائي، آخرين صورت ۾ انهن غير شخصي قوتن جي ماتحت آهن، جي سڀني شين مٿان قابض ۽ قادر آهن ۽ اهو ماڻهو جيڪو انهن قوتن کي موزون سائن سوڻن ۽ جنترن منترن سان هلائڻ جي چاڻ رکي ٿو، سو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کين ڪاميابيءَ سان استعمال ڪري سگهي ٿو. مثال طور، قديم مصر جا جادوگر دعويٰ ڪندا هئا ته هو اها طاقت رکن ٿا، جو هو وڏن کان وڏن ديوتائن کي پنهنجن حڪمن جي بجا آوريءَ لاءِ مجبور ڪري سگهن. درحقيقت جڏهن اهڙا کي ديوتائون سندن حڪم عدولي ڪندا هئا، ته هو انهن ديوتائن کي نيست و نابود ڪري چڏڻ جي ڌمڪي ۾ ڏيندا هئا. ڪن موقعن تي، ايتريءَ حد تائين وڃڻ بدران، جادوگر فقط اهو اعلان ڪندو هو ته جيڪڏهن ديوتا بي-چيو ثابت ٿيندو، ته هو اوسيريس (مها ديوتا) جا هڏا واوکر ڪري چڏيندو، يا سندس مقدس روايت کي واشگاف ڪري چڏيندو. ساڳئي نموني هندستان ۾ اڄ ۽ هندن جي طاقتور ترمورتي- برهما، وشنو ۽ شو-خود جادوگرن جي ماتحت آهي، جيڪي پنهنجن جنترن ذريعي هنن سڀ کان زياده بلوان ديوتائن تي اهڙي فوقيت رکن ٿا، جو اهي ديوتا هيٺ زمين تي توڙي مٿي آسمانن ۾، انهن سڀني حڪمن کي، بغير ڪنهن چون و چرا جي سڃ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ پڌل آهن، جي اهي ديوتائن جا مالڪ، جادوگر، ڪڏهن ۽ ڪٿن جاري ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪن. هندستان ۾ هرهنڌ هيءَ چوٽي مشهور آهي: "سڄي ڪائنات ديوتائن جي، ديوتائون منترن جي، ۽ منتر برهمڻ جي ماتحت آهن، ان ڪري برهمڻ ئي اسان جا ديوتا آهن".

جادو ۽ مذهب جي اصولن درميان هيءَ بنيادي اختلاف ئي آهي، جو جادوگر ۽ "پوڄاريءَ" جي وچ ۾ شديد دشمنيءَ ۽ رقابت لاءِ ذميوار آهي، جا تاريخ جي مختلف دورن ۾ اڪثر منجهن موجود رهندي پئي آئي آهي. جادوگر جي متڪبراڻ خود-ڪفالت، بالاتر طاقتن ڏانهن سندس غرور پريو رويو ۽ انهن طاقتن جهڙي ئي حڪومت هلائڻ جي سندس دليراڻ دعويٰ، ۽ هڪ پوجاريءَ کي جادوگر ڏانهن متنفر ڪرڻ لاءِ اهي ڪافي ۽ لازمي سبب پئي رهيا آهن. پوجاريءَ کي، جنهن جي دل ۾ خدائي دبدبي ۽ شان و شوڪت جو ڏهڪائيندڙ خيال ويڙهي هو ۽ جنهن جي ڄاڻ هو ڪمال انڪساريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سر بسجود ٿيندو هو، جادوگر جون اهڙيون دعوائون ۽ ان جو اهڙو رويو، ضرور انهن حقن کي ڦاڙڻ جي مترادف معلوم ٿيندو. هوندو، جي پوڄاريءَ جي خدا يا خدائن لاءِ مخصوص آهن. اسان کي اهو به شڪ پوي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن پوڄاريءَ جي حسد ۽ رقابت جي سختيءَ کي زياده تيز ڪرڻ لاءِ نيچ قسم جون خود غرضيون به اڇي شامل ٿيون هونديون. مالڪ ۽ بندي جي درميان هو پاڻ کي ئي موزون ذريعو ۽ حقيقي شافع تسليم ڪندو هو، جنهنڪري هڪ رقيب عامل کي ميدان ۾ ڏسي، جو سندس نا هموار ۽ ترڪٽي رستي جي مقابلي ۾ مالڪ کي اقبال ۽ عزت جو زياده يقيني ۽ هموار رستو ڏيکائي رهيو هو، بلاشبہ سندس اغراض و جذبات بريءَ طرح مجروح ٿيندا هئا.

پوڄاريءَ ۽ جادوگر جي هيءَ دشمني جيتوڻيڪ هن وقت اسان کي بلڪل جاتل سجاتل معلوم ٿئي ٿي، پر اها درحقيقت مذهب جي تاريخ جي نسبتاً هوئين دور جي پيداوار آهي. ان کان اڳوڻن وقتن ۾ پوڄاريءَ ۽ جادوگر جا فرض گڏ هوندا هئا، يا زياده صحيح صورت هيءَ هئي ته هنهي قسم جي فرضن ۾ ان وقت تائين کو خاص امتياز يا فرق محسوس ڪونہ ڪيو ويو هو. پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ديوتائن يا "روحن" جي موافقت، پوڄا ۽ ٻڌين ذريعي، حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر ساڳئي وقت هن کي اهڙيون رسمون ۽ لفظن جا منتر اختيار ڪري رکيا هئا، جن ۾ هن کي اعتماد ۽ اميد هوندي هئي ته اهي، ڪنهن ديوتا يا ڪنهن شيطان جي مدد يا مداخلت کان سواءِ ئي، سندس مقصد پورا ڪندا. مختصر لفظن ۾ چئجي ته هن مذهبي رسمون ۽ جادوءَ جا ٽوٽا ٿيٽا هڪ ئي وقت ادا ڪرڻ شروع ڪيا، هو ساڳئي ئي وقت دعائون به گهرندو هو ۽ جادوءَ جا منتر به پڙهندو هو، ۽ جيستائين هڪ يا ٻئي رستي هو پنهنجا مقصد پورا ڪري ئي سگهيو، تيستائين کيس اها پرواهہ ئي ڪانہ هئي ته هو ڪهڙو طريقو استعمال ڪري رهيو هو، يا ئي سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ته ڪيس اها جاڻ ٿي ڪاڻ هئي ته سندس دعائن ۽ ٽوٽن ٽيڻن جي انهيءَ دوراهي روش ۾ نظرياتي طور ڪو اندروني تضاد هو. جادوءَ ۽ مذهب جي اهڙي ميل يا مونجهاري جا مثال اسان کي ميلانيشينس ۽ ٻين قومن جي رسمن ۾ اڳيئي ملي چڪا آهن.

جادوءَ ۽ مذهب جي اهائي ملاوٽ اهڙين قومن ۾ به اڃا تائين هلندي آئي آهي، جي تهذيب جي زياده بلند منزلن تي پهچي چڪيون آهن. قديم هندستان ۽ مصر ۾ ته اها عام جام هئي، پر اڄ ڪلهه جي يورپي ڪڙمين ڪاسبين ۾ به اها بلڪل مفقود ڪاڻ ٿي ويئي آهي. هندستان جي باري ۾ اسان کي سنسڪرت جو هڪ ممتاز عالم ٻڌائي ٿو ته "اوائلي دور جي ٻل چاڙهه جون رسمون، جن جي متعلق اسان وٽ تفصيلي معلوميت موجود آهي، اهڙن سائن سوڻن سان پريون ٻيئون آهن، جن سان انتهائي قديم جادوءَ جي بوءَ اچي رهي آهي." مشرق، ۽ خاص طور قديم مصر ۾ جادوءَ جي اهميت جو ذڪر ڪندي، پروفيسر ماسپيرو چوي ٿو، "جادوءَ جي لفظ متعلق اسان کي اهو هيڪ خيال قائم نه ڪرڻ گهرجي، جو جديد دور جي هڪ ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ازخود تري اچي ٿو. قديم جادو خود مذهب جو بنياد هو. قديم مذهب جي معتقدن کي جڏهن پنهنجي ديوتا ڪان ڪنهن مهربانيءَ جي درڪار هوندي هئي، تڏهن ڪين اُن ۾ ڪامياب ٿيڻ جو ڪو به آسرو ڪونه هوندو هو، جيستائين هو ان ديوتا کي پنهنجي قبضي ۾ نه آڻيندا هئا، ۽ ديوتائن کي پنهنجي قبضي ۾ هو فقط تڏهن آڻي سگهندا هئا، جڏهن هو ڪن اهڙن خاص قسمن جا ڪريا ڪرم، قربانيون، پوڄائون ۽ منتر عمل ۾ آڻيندا هئا، جيڪي خود ان ديوتا کين ڏسيا هئا: پوءِ جڏهن اهي ڪريا ڪرم، پوڄائون ۽ منتر عمل ۾ ايندا هئا، تڏهن ديوتا پنهنجن پوڄارين جي پرارٿنائن کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو هو."

جديد يورپ جي جاهل طبقن ۾، خيالن جو ساڳيو مونجهارو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوءَ ۽ مذهب جو ساڳيوئي ميل، مختلف صورتن ۾ اڄ ب موجود آهي. چنانچ، ٻڌايو وڃي ٿو ت فرانس ۾ "ڪڙمين جي اڪثريت جو اڃا ب اهو اعتقاد آهي ت پادريءَ کي قدرتي عناصرن مٿان هڪ خفيہ قسم جو مڪمل قبضو آهي. ۽ ڪن خاص دعائن پڙهڻ سان، جي ڪيس ئي معلوم آهن ۽ جن جي پڙهڻ جو فقط ڪيس ئي حق حاصل آهي، پر جن جي هر پيري پڙهڻ کان پوءِ ڪيس توبہ ڪرڻي پوندي آهي، هو سڀ ڪنهن ناگهاني خطري جي موقعي تي، طبعي دنيا جي ابدي قانونن جي ڪارڪردگيءَ کي هڪدم روڪي يا هٽائي سگهي ٿو: هوائون، طوفان، برفباري ۽ مينهن ـ سڀ سندس اختيار ۾ آهن ۽ هن جي حڪم جي تعميل ڪندا آهن، باهہ ب هن جي قبضہ قدرت ۾ آهي، ۽ سندس هڪ ئي لفظ سان باهہ جو ڪيڏو ب پنيت هجي، اتي جو اتي وسامي برف ٿي ويندو." مثال طور، فرانس جي ڪڙمين کي اعتقاد هوندو هو، ۽ شايد اڃا ب اٿن، ت پادري ڪن خاص سائن سوڻن سان روح‌القدس جي هڪ اهڙي عبادت ڪري سگهندا آهن، جنهن جو ايترو ت اثر هوندو آهي، جو خدا ان کي ڪنهن ب صورت ۾ خالي ڪونہ موڪلائيندو آهي، بلڪ خدا کي هر اها دعا مجبوراً قبول ڪرڻي آهي، جا انهيءَ عبادت ذريعي گهري وڃي، خواہ اها ڪهڙي ب غيرمناسب، بيواجبي ۽ غيرمعقول هجي. اهڙا ماڻهو، جيڪي زندگيءَ جي انتهائي دشوار گهڙين ۽ مصيبت جي وقتن تي خدا جي خدائيءَ تي اهڙي عجيب طريقي سان زبردستيءَ قبضو ڪرڻ چاهيندا هئا، تن جي سامهون اهڙي قسم جي "عبادت" ڪنهن ب صورت ۾ خدا جي شان ۾ بي ادبي يا گستاخي ڪانہ هئي. جن پادرين جو ڪليسائي قسم ڪنيل ڪونہ هوندو هو، سي پاڻ روح‌القدس جي انهيءَ پوجا ڪرڻ کان اڪثر انڪار ڪندا هئا، باقي مسيحائي پاون، خاص طرح "ڪئپوچن" طريقي جي پينو پاون، لاءِ عام مشهور هوندو هو ت اهي فڪرمندن ۽ مصيبت زدن جي مشڪل ڪشائيءَ لاءِ سندن منٿن ميڙين ڪرڻ تي، اهڙيءَ عبادت لاءِ هڪدم تيار ٿي ويندا هئا. ڪٿولڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرقي جا ڪڙمي، اهڙيءَ طرح پادريءَ جو روح القدس مٿان جيڪو قبضو ۽ ضابطو موجود سمجهندا آهن، تنهن ۾ اسان کي انهيءَ ضابطي ۽ طاقت جو هوبهو نقل ملي ٿو، جنهن جو قديم مصري پنهنجن جادوگرن کي مالڪ سمجهندا هئا. ٻيو مثال وٺو: پروينس علائقي جي ڪيترن ڳوٺن ۾ اڃا تائين ائين سمجهيو ويندو آهي ته پادريءَ کي طوفانن کي هٽائڻ جي طاقت هوندي آهي. هرڪنهن پادريءَ کي واقعي اها شهرت حاصل ڪانه هوندي آهي، ڪن ڳوٺن ۾ جڏهن ۽ ڪنهن پادريءَ جي بدلي ٿيندي آهي، ته سندس حلقي جا ماڻهو ان جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن ته نئين پادريءَ کي اها طاقت (يا "ڪرامت"، جيئن هو ان طاقت کي سڏيندا آهن) آهي يا نه. سخت طوفان جي پهرينءَ علامت ظاهر ٿيڻ سان، هو سندس آزمائش وٺڻ ۽ ڪيس پنهنجيءَ طاقت جي مظاهري ڪرڻ لاءِ، طوفان کي واپس ڪرڻ لاءِ چوندا آهن. جيڪڏهن نتيجو سندن اميدن مطابق نڪتو، ته نئين "ريڊار" کي پنهنجي "ڏڻ" جي احترام ۽ همدرديءَ جو يقين ڪرڻ گهرجي. ڪن ڪليسائي ضلعن ۾، جتي نندي پادريءَ جو ان باري ۾ پنهنجي اعليٰ پادريءَ کان زياده ٽالو نڪتل هوندو آهي، اتي انهن ٻنهي پادرين جي تعلقات ۾ ايتري ته ڪشيدگي پيدا ٿي پوندي آهي، جو بشپ وڏي پادريءَ کي لاچار اتان بدلي ڪري ڇڏيندو آهي. وري ڪٿكسن علائقي جا ڪڙمي سمجهندا آهن ته دشمن کان بدلي وٺڻ لاءِ، برا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پادريءَ کي "سينٽ سيڪيئر" جي خاص پوڄا ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا آهن. ڪين معلوم آهي ته تمام ٿورا پادري اها پوڄا ڪرڻ ڇاڏندا آهن، ۽ جيڪي ڇاڏندا ۽ آهن، تن مان ٿي پاڻ چار حصو اهڙا هوندا آهن، جي دوستيءَ ۾ توڙي پئسي خاطر ۽ اها پوڄا ڪانه ڪندا آهن. بيرحم ۽ بد اخلاق پادرين کان سواءِ اهڙي دل ڏهڪائيندڙ پوڄا ڪو به ڪونه ڪندو آهي، ۽ يقين ڪرڻ کپي ته انهن کي روز آخر تي ان لاءِ تمام سخت حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو. ڪو به پادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا بشپ، حتيا ڪ آج صوبي وارو "آرڪبشپ" ٻ ڪين ان لاءِ معافي ڪانءِ ڏيئي سگھندو، معافي ڏيڻ جو حق فقط "پاپائي روم" کي ئي حاصل آھي. "سينٽ سيڪيئر جي پوڄا" فقط ڪنھن اھڙيءَ ويران يا ڏنل ديول ۾ ڪري سگھجي آھي، جتي الو اوڻائيندا ۽ چمڙا لاساڙا پائيندا ھجن، جتي رات جو خانبدوش قبيلا پنھنجو عارضي آرام گاھ بڻائيندا ھجن، جنھن جي زبون حال قربانگاھ ھيڻان ڏيڏرن وڄي پنھنجا گھر بنايا ھجن. اھڙي ھنڌ اھو "بدڪردار" پادري، پنھنجيءَ سينڊيءَ سان گڏ ايندو آھي، ۽ رات جو جڏھن گھڙيال يارھن ڪلاڪن جو پھريون ڏڪ ھڻندو آھي، تڏھن ھو اُبتي دعا پڙھڻ شروع ڪندو آھي، اھا دعا ھو ان وقت پڙھي پوري ڪندو آھي، جڏھن گھڙيال پوريءَ اڌ رات جا ڏڪ ھڻڻ شروع ڪندا آھن. ھن جي معشوقہ سنڊس نائب جو ڪردار ادا ڪندي آھي. جنھن مانيءَ جي ڏوڏي تي ھو دعا پڙھي ڦوڪيندو آھي، سو ڪارو ۽ ٽڪنڊيارو ھوندو آھي، شراب ڪونہ ھوندو اٿس، جنھن تي ھو دم ڪري، ھن پوڄا لاءِ ھو اھڙي ڪوھ جو پاڻي طلبيندو آھي، جنھن ۾ ڪنھن اھڙي معصوم ٻار جو لاش اچلايل ھجي، جنھن جي عيسائي بنائڻ جي رسم اڃا ادا ٿيل نہ ھجي. ھو صليب جو نشان مٿيءَ تي ڪيندو آھي، ۽ سوءِ ڏاڙي پير سان. پيون ٻ ڪيترين ئي اھڙين ڳالھيون ڪندو آھي، جن کي رڳو ڏسڻ سان ھڪ نيڪ عيسائي باقي زندگيءَ لاءِ انڌو، ٻوڑو ۽ ڳنگو ٿي پوي ٿو. ۽ جنھن ساڻھوءَ کي نقصان پھچائڻ لاءِ اھا پوڄا ڪئي ويئي ھوندي، سو آھستي آھستي سڪندو سڙندو ويندو، ۽ ڪوبہ نہ ڄاڻي سگھندو تہ ھن سان ڪھڙي ويڌن آھي، خود ڊاڪٽرن کي ٻ ھن جي بيماريءَ جو ڪو پتو ڪونہ پوندو آھي، ڪين پلا ڪھڙي خبر تہ سندن مريض "سينٽ سيڪيئر جي پوڄا" سبب آھستي آھستي ڳرندو سڙندو ٿو وڃي!

جيتوڻيڪ جادوءَ ۽ مذھب جو اھو ميل ڪيترن ملڪن ۽ ڪيترن زمانن ۾ ڏٺو ويو آھي، ان ھوندي ٻ ڪي اھڙا قوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب موجود آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ميل ڪو بنهہ قديم دور جي پيدائش نہ آهي، ۽ اوائلي زماني ۾ ڪو اهڙو وقت ۽ هو، جڏهن مائٿوءَ پنهنجي روزمره جي حيواني ضرورتن کان علاوه ٻين ضرورتن ۽ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ فقط جادوءَ تي ئي پروسو ٿي رکيو. اول تہ جادوءَ ۽ مذهب جي بنيادي نظرين تي غور/ ڪرڻ سان اسان ان فيصلي تي پهچي سگهون ٿا تہ انسان ذات جي تاريخ ۾، جادو مذهب کان وڏيءَ عمر جو آهي. هڪ طرف اسان ڏٺو آهي تہ جادو دماغ جي تمام سهل ۽ انتهائي ابتدائي رجحانن جو غلط استعمال آهي، يعني تہ اهو هڪجهڙن يا قريبي خيالن جي غلط مفهوم ۽ غلط عمل جو نتيجو آهي، ۽ ٻئي طرف مذهب فطرت جي ظاهري پردي پٺيان انسان کان اعليٰ ۽ بالاتر ڪن شعوري هستين جي ڪارڪردگيءَ کي تسليم ڪري ٿو. ظاهر آهي تہ "شخصيت وارين غيبي طاقتن جو نظريو" خيالن جي هڪجهڙائيءَ يا قرابت جي سڌيءَ سادين چيز کان زياده اهنجو ۽ پيچيده آهي، ۽ اهو نظريو، جو فطرتي نظام جي پس پرده شعوري هستين جي وجود کي تسليم ڪري ٿو، تنهن جو سمجهڻ زياده ڏکيو آهي، ۽ ان جي ذهن نشين ڪرڻ لاءِ بنسبت جادوگر جي نظريي جي تہ قدرت جا واقعات صرف هڪجهڙائيءَ يا قرابت جي سبب هڪٻئي پٺيان خود بخود وقوع پذير ٿيندا رهن ٿا، عقل ۽ فهم و فراست جي زياده بلند درجي جي ضرورت آهي. خود بي سمجهہ حيوان ۾ اهڙين شين کي جي انهن جي تجربي ۾ هڪٻئي سان گڏ ڏٺيون ويون آهن، پنهنجي حافظي ۾ هڪٻئي سان جوڙين ۽ ملائين ٿا، چو تہ ان کان سواءِ هو هڪ ڏينهن ۾ زنده نہ رهي سگهندا. پر حيوانن يا جانورن متعلق ائين ڪير چئي سگهندو تہ هو اهڙو اعتقاد ۾ پنهنجي ذهن ۾ رکي سگهن ٿا تہ فطرتي نظام جو ڪاروبار پردي پٺيان هڪ وڏو ۽ قوي هيکل غيبي جانور يا هڪ کان وڌيڪ اهڙا پيا جانور هلائي رهيا آهن. انهيءَ پوئين قسم جي نظريي جي ترڪيب ۽ تجويز جو اعزاز حضرت انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ئي مخصوص ڪري سگھجي ٿو، ۽ ائين ڪرڻ سان حيوانن ۽ جانورن سان ڪا بي انصافي ڪانه ٿيندي، چنانچہ جادو جيڪڏھن انسان جي انتھائي ابتدائي خيالات جو نتيجو آھي ۽ جيڪڏھن جادو درحقيقت آھا غلطي آھي، جنھن ۾ انساني دماغ ازخود ٽاپو کائي وڃي ڪري ٿو، ۽ جيڪڏھن مذھب انھن خيالن جي بنياد تي ٻڌل آھي، جنھن تائين محض حيواني ذھن مشڪل ئي پھتو ھوندو، تہ ان حالت ۾ امڪان اغلب آھي تہ انسان ذات جي ارتقا ۾، جادو مذھب کان اڳ وجود ۾ آيو آھي، ۽ انسانن، غيب جي پردي پوئتان لکل، پورالي ۽ چيڙاڪ طبيعت واري ھڪ ديوتا يا ھڪ کان وڌيڪ اھڙن ديوتائن جيءِ، پوجائن ۽ قربانين وسيلي، نازبرداري ۽ خوشامد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان پيشتر، فطرت کي محض پنھنجن جادن ۽ جنترن جي قوت سان، پنھنجي مرضيءَ ۽ خواھش مطابق، زبردستيءَ موڙڻ جي ڪوشش ڪئي آھي،

جادوءَ ۽ مذھب جي بنيادي نظرين تي غور ڪرڻ سان اسين جنھن نتيجي تي پھچنءَ روءَ استخراجي طور پھتا آھيون، تنھن جيءِ استقراري طور، موجوده آسٽريلياڻي وحشي قبائل جي طور و طريق کي ڏسڻ سان، جن جي متعلق اسان کي ھن وقت پوري جاڻ حاصل ٿي سگھي آھي، تصديق ٿئي ٿي: انھن وحشي قبيلن وٽ جادوءَ تي عام جام عمل ڪيو وڃي ٿو، پر پاڻ کان زياده طاقتور ھستين کي راضي ڪرڻ يا انھن کي موافق بنائڻ جي معنيٰ ۾ مذھب جو وڻن ٽالو ئي موجود ڪونھي، ٿلھي ليکي وحشي آسٽريليا ۾ سڀ ماڻھو جادوگر آھن، ۽ ڪو ھڪ بہ پادري يا پوجاري ڪونھي، منجھائٽن ھر ڪوئي ائين سمجھندو آھي تہ ھو پاڻ جھڙن ٻين ماڻھن يا فطرت جي نظام کي ھم آھنگ جادوءَ وسيلي متاثر ڪري سگھي ٿو، پر انھن مان ڪو ھڪ شخص بہ ڪنھن ديوتا کي عبادت يا قربانيءَ وسيلي راضي ڪرڻ جو ڪڏھن خيال بہ ڪونہ ڪندو آھي،

پر جيڪڏھن انساني معاشري جي ھن سڀ کان زياده پسماندہ

حالت ۾، جا هن وقت آسٽريليائي قبائلن جي صورت ۾ انسان جي اکين اڳيان آهي، اسين جادوءَ کي اهڙيءَ نمايان حالت ۾ موجود ڏسون ٿا ۽ مذهب کي ساڳيءَ ريت اتي نمايان طور غير موجود پائون ٿا، تہ چوان، اسين اهو آسانيءَ سان واجبي طور نٿا ڪڍي سگهون تہ دنيا جون سڀ مهذب قومون، پنهنجي تاريخ جي ڪنهن دور ۾، ذهني ارتقا جي ساڳيءَ منزل مان گذري چڪيون آهن، ۽ انهن فطرت جي عظيم قوتن کي عبادت ۽ قرباني ۽ ذريعي راضي ۽ آماده ڪرڻ جي ابتدا ڪرڻ کان اڳ، ڪائنس زبردستيءَ پنهنجون خواهشون ۽ مرضيون پوريون ڪرايون هونديون۔ مطلب تہ جيئن انساني ثقافت جي مادي پهلوءَ جي حالت ۾، هرهنڌ پٿر جو زمانو ضرور ٿي گذريو آهي، تيئن ان جي ذهني پهلوءَ جي سلسلي ۾ هرهنڌ جادوءَ جو دور ڪوبہ گذريو هوندو؟ هن سوال جو جواب اثبات ۾ ڏيڻ لاءِ ڪافي وجوهات موجود آهن۔ انسان ذات جي موجوده قومن، قبيلن ۽ نسلن جو گرين لئنڊ کان وٽي ٽيراڊيل فيوگو تائين ۽ اسڪانڊينيويا کان سينگاپور تائين، جائزو ولون ٿا تہ ڏسون ٿا تہ سنجهن مختلف مذهبن جي صورت ۾ بيشمار فرق ۽ امتياز موجود آهن، ۽ سندن اها مذهبي تفريق قومي يا نسلي حدبندين سان ٻڌل نہ آهي، پر اهي تفاوت ۽ بيگانگيون حڪومتن ۽ رياستن جي ننڍين ننڍين حصن ۾ ۽ سمايل آهن، نہ فقط ايترو، پر اهي هرهڪ شهر، ڳوٺ، ۽ خود ڪٽنبن اندر ۾ موجود آهن، جنهنڪري سڄيءَ دنيا جي معاشري جو مٿاچرو ڏريل ۽ ٽاڪين لڳل، چيرن ۽ ڪلڪڙن سبب زبون حال ۽ ڪلرڪاڌل آهي، ۽ ان ۾ مذهبي اختلافن جي نفاق پيدا ڪندڙ اثر سبب ناقابل عبور خليجون حائل ٿيل آهن۔ پر ان هوندي ۾ جڏهن اسين انهن اختلافن جي پڙدي کي چاڪ ڪري، جن جو زياده تر اثر معاشري جي قابل عقلمند طبقي تي آهي، ڪجهہ هيٺ نگاهہ ڪريون ٿا، تہ ۽ انهن سڀني اختلافن جي هيٺان، معاشري جي موڳن، ڪمزورن، جاهلن ۽ وهم پرستن جي درميان۔ ۽ بدقسمتيءَ سان انسان ذات جي اڪثريت انهن ٿي ماڻهن جي آهي۔ دماغي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪسانيت جو هڪ نهرو ۽ گهاڙو تهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڻويهين صدي عيسويءَ جي عظيم حاصلات مان هڪ هيءَ. به هئي ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اڪثريت جي انهيءَ تنگ ۽ هيڻاهين دماغي تهه جي بنيادي ۽ حقيقي يڪسانيت کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اها "جهالت جي يڪسانيت" اسان جي ٻنهه اڪين اڳيان هتي، موجوده دور ۾، يورپ اندر موجود آهي، ۽ اها ساڳي يڪسانيت آسٽريليائي ريگستانن ۽ اونداهن ٻيلن ۾، ۽ دنيا جي ٻين سينڀي اهڙن علائقن ۾، جتي اعليٰ تهذيب جي اثر ان کي زيرزمين دفنائي نه ڇڏيو آهي، ظاهر ظهور، متاچري تي ٻيٺل ۽ موجود نظر اچي ٿي. اهوعام اعتقاد، جو ئي حقيقت ۾ پاڻ لاءِ هڪ عالمگير دين هڻڻ جي صحيح دعويٰ ڪري سگهي ٿو، سو آهي: عام ماڻهن جو جادوءَ ۾ ايمان. دستوري مذهب نه فقط دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مختلف رهيا آهن، پر مختلف دورن ۾ ساڳئي ملڪ ۾ به اهي جدا گانه نوعيت جا رهيا آهن، پر جادوءَ جو نظام، پنهنجن اصولن ۽ عملن ۾، دنيا جي هر ملڪ ۽ هر دور ۾ هڪ ئي نوعيت جو رهيو آهي. جديد يورپ جي جاهل ۽ وهم پرست طبقن ۾، اڄ به اهو ساڳيو آهي، جو هزارها سال اڳ قديم مصر ۽ هندستان ۾ هو. ۽ اهو اڄ به دنيا جي دور دراز ڪنڊن ڪڙڇن ۾ رهندڙ انتهائي وحشي ۽ تهذيب کان دور قبائل ۾ ساڳئي ئي خدوخال ۽ انداز ۾ موجود آهي. سچ ۽ حق جي پرک، جيڪڏهن هڻن متي ڪرڻ يا مٿن جي شمار سان ٿي سگهي، ته هوند جادوءَ جو نظام، ڪئٿولڪ ڪليسا جي مقابلي ۾، زياده پختي دليل سان، "آواز خلق نقاره خدا ست" جي متي ڪي، پنهنجيءَ صداقت جي پڪيءَ ۽ يقينيءَ سند هڻڻ جي حيثيت ۾ وڏي فخر سان پيش ڪري سگهي ٿو.

معاشري جي بالائي تهه هيٺان جهالت ۽ وحشانيت جو اهو جيڪو دائمي ۽ مضبوط تهه وڇايل آهي، ۽ جو مذهب ۽ ثقافت جي عارضي تبديلين کان ڪڏهن متاثر ڪونه ٿيو آهي، تنهن جي مستقل وجود جو اڪثي هلي انسان ذات جي مستقبل تي ڪهڙو اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو، تنهن تي غور ڪرڻ هن وقت اسان جي دائري کان ٻاهر آهي.
هڪ سنجيده دماغ رکندڙ مبصر، جنهن جي فڪر ۽ مطالعي ڪيس انهن
مسئلن جي اونهاين ۾ ليئي پائڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي، ان جي
وجود کي انساني سيپتا ۽ تهذيب لاءِ هڪ عظيم دائمي خطرو ٿي تصور
ڪندو. اسين واقعي انساني ذهن جي هڪ اهڙي سنهي ۽ ناپائدار
تهه مٿان هلي رهيا آهيون، جنهن کي سندس هيٺان ستل ضدي ۽ ڊيڊ
قسم جون طاقتون ڪنهن ٻ وقت ڌاري ڦاڙي سگهن ٿيون. وقت بوقت
انهيءَ زير زمين تهه مان هڪ ڀياڪ ۽ اجوڪ آواز يا هوا ۾
باهر جو هڪ اوچتو شعلو ٻاهر نڪري، ٻڌائي ٿو ته اسان جي
قدمن هيٺان چا وهي واپري رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مهذب
انسانن جي هيءَ نفيس ۽ نازڪ دنيا اخبارن ۾ ڪا اهڙي خبر
پڙهي ڪنبي ويندي آهي ته 'اسڪاٽلنڊ ۾ ڪنهن نفرت جوگي
زميندار يا ٻاريءَ کي مارڻ لاءِ هڪ بوتو دفن ڪيل مليو آهي،
جنهن جي جسم ۾ سيون ڪنبيل هيون، آئرلنڊ ۾ ڪيئن نه هڪ
عورت کي ڊائڻ سمجهي آهستي آهستي باهه مٿان ٻچائي ٻچائي
ماريو ويو آهي، يا روس ۾ ڪيئن نه هڪ چوڪريءَ کي قتل
ڪري، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو آهي، ته جيئن سندس انساني
چربيءَ ۽ هڏين مان اهي جادوءَ جون سوءِ بتيون ٺاهيون وڃن،
جن جي روشنائيءَ وسيلي چور پنهنجي آڏيءَ رات واري پيشي کي،
عام نظرن کان اوجهل ۽ پوشيده رهي، ڪاميابيءَ سان سرانجام
ڏيئي سگهن، وغيره'. پر اسان جي هن اڪٽ تهذيبي جدوجهد ۾، اڳتي
هلي ڪهڙيون طاقتون ڪاميابي ۽ فوقيت حاصل ڪنديون ـ اهي،
جيڪي مستقبل جي ترقيءَ جي ضمانت آهن، يا اهي، جيڪي هن
وقت تائين حاصل ڪيل ترقيءَ کي ڌاهڻ لاءِ هروقت تيار بيٺيون
آهن، آخرڪار اقليت جي روشن ذهن جو زندگي بخش فڪر اسان کي
انسانيت جي معراج تي پهچائيندو، يا اڪثريت جي جهالت جو
پهاڙ جيڏو مرده وزن اسان کي وٽي وڃي ابليسيت جي اونهي
اوڙاهه ۾ ٻوڙيندو: اهي سوال واقعي حڪمت جي ضابطن ۽

اخلاقيات جي عالمن ۽ سياسيات جي ماهرن ۽ مدبرن لاءِ اهم ۽ ڪوڙها سوال آهن، جن جي جوابن لاءِ هنن جون عقابي نظرون هميشه مستقبل جي افق ڪي گهوريندڙيون رهن ٿيون، تاريخ جو هڪ خاڪسار طالبعلم انهن مشڪل مسئلن ڪي حل ڪرڻ جي ڪهڙي جرئت ڪري ٿو سگهي! هتي اسان جو مطلب فقط هن حقيقت سان آهي ته مذهب جي لامتناهي اختلافن ۽ باهمي تفريق جي مقابلي ۾، جادوءَ جي اعتقاد ۾ هڪ عالمي يڪسانيت ۽ اتحاد موجود آهي، ۽ ان حقيقت جي پيش نظر، هيءَ انسان ڪافي حد تائين صحيح ٿي سگهي ٿو ته جادوءَ انساني عقل جي انهيءَ بنهه اوائلي ۽ ان ڪهڙيل صورتحال جو مظهر آهي، جنهن ۾ ان انسان ذات جون سڀئي قوسون ۽ نسل هڪ دفعو ضرور لنگهي چڪا آهن، يا منجهائن ڪي ته هن وقت به ذهن جي انهيءَ اوائلي منزل تي روڪيا پيٽا آهن، جنهن کي پار ڪرڻ ڪان پوءِ ئي هنن لاءِ مذهب ۽ سائنس جي اڳيريءَ منزل ڏانهن پيشقدمي ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو.

جيڪڏهن منهنجو اهو انومان صحيح آهي ته دنيا جي هرحصي ۾ مذهب جي دور کان پيشتر جادوءَ جو دور ٿي گذريو آهي، ته پوءِ قدرتي طور اسان کي هي سوال پڇڻ گهرجي ته پلا اهي ڪهڙا وجوهات هئا، جن انسان ذات يا ان جي زياده تر حصي کي آماده ڪيو ته هو جادوءَ جي عقيدي ۽ دستورالعمل کي خير باد چئي، ان جي بجاءِ مذهب کي ايمان ۽ دستورالعمل طور اختيار ڪرڻ شروع ڪري ڏين. هن باري ۾ جن بيشمار حقيقتن کي سمجهڻ جي ضرورت پيش اچي ٿي، تن جي جڏهن مختلف نوعيتن ۽ پيچيدگين تي نظر ڪريون ٿا ۽ انهن متعلق اسان کي جيڪا قليل ڄاڻ حاصل آهي، تنهن تي غور ڪريون ٿا، تڏهن اسان کي ڀڄڻو ئي پوي ٿو ته اهڙي اڻاهه ۽ بي پايان مسئلي جي مڪمل ۽ اطمينان بخش حل جي اميد رکڻ بيجا ٿيندي. ۽ اڄ ڪري اسان جي موجوده ڄاڻ جي بنياد تي وڌ ۾ وڌ ايترو ممڪن ٿيندو ته ٿورو ڪا گهڻو معقول ۽ واجبي حقائق تي مبني هنڪڙو انومان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڪڍي سگهون. ان صورتحال ۾ ڏڃي ڏڃي، انهيءَ مسئلي متعلق آءٌ هيءَ راءِ ٿو پيش ڪريان ته 'تجربي دوارن جادوءَ جي لازمي طرح هڪ ناڪام ۽ بيڪار چيز هجڻ جي احساس انسان ذات جي زياده سنجيده ۽ عقلمند طبقي کي آهستي آهستي فطرت جي ڪنهن زياده درست ۽ اعتبار جوگي نظريي قائم ڪرڻ لاءِ ۽ فطرت جي وسائل کي پنهنجي مقصد برآريءَ لاءِ ڪنهن زياده مفيد استعمال جي تلاش ۾، پنهنجي اردگرد ڪجهه زياده سوچ ويچار سان نظرن ڦيرائڻ لاءِ آماده ڪيو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد، ظاهر آهي ته زياده سمجهدار ۽ تيز فهم ماڻهن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هوندو ته جادوءَ جي عمل جو انهن نتيجن تي درحقيقت ڪو اثر ٿي ڪونه هو، جن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ان کي استعمال ڪيو پئي ويو ۽ جنهن جي متعلق سندن سادن سودن ۽ ويساه وسوڙل پائڻن اڃا ۾ اعتقاد پئي رکيو ته اهو واقعي انهن نتيجن کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جوابدار هو. جادوءَ جي ناڪام ۽ بيڪار هجڻ جي انهيءَ ڄاڻ حاصل ٿيڻ ڪري، انهن ماڻهن جي دل و دماغ ۾، جن کي انهيءَ حقيقت کي شناخت ڪرڻ جي فراست هئي، آهستي آهستي هڪ زبردست انقلاب پيدا ٿيو هوندو. ان ڄاڻ جو درحقيقت مطلب هيءَ هو ته ماڻهن کي فطرت جي قوتن کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائڻ چلائڻ جي باري ۾ پنهنجي بيچارگيءَ ۽ لاچاريءَ جو احساس ٿيو هوندو، جن کي هنن پهريائين پنهنجي مڪمل قبضي اندر سمجهيو هو. اها ڄاڻ "گويا انسان جي ڪمزوريءَ ۽ لاعلميءَ" جي قبوليت هئي. ماڻهوءَ ڏٺو ته هن جيڪي اسباب سمجهيا هئا، سي درحقيقت اسباب نه هئا ئي ڪونه ۽ انهن اسبابن مان ڪنهن لاءِ هن جيڪي به ڪوششون ڪيون هيون، سي سڀ بيڪار ۽ اجايون هيون. هن جون دردناڪ مشقتون ۽ محنتون سڀ بيڪار ۽ اجايون هيون، ۽ سندس سموري تعجب خيز عقلمندي، بي مقصد ۽ فضول، ڏنگرن تي ٿيڻ هارڻ جي مترادف هئي. هيستائين هو رڳو انهن ڏاڪڻ کي چڪيو رهيو هو، جن جي ڇڙڻين سان

ڪجھ ۽ ٻڌل ڪونہ ھو، ھن سمجھيو ھو تہ ھڪ سڏي سنئين وات ورتيون پنھنجي منزل مقصود ڏانھن وڌي رھيو ھو، پر درحقيقت ھو گھاٽي ۾ ٻڌل ڏاند وانگر، آتي جو آتي ھڪ ئي تنگ دائري ۾ ڦري رھيو ھئو. نہ وري ڪو ائين ھو تہ جن نتيجن ۽ اثرن ڪي ظاھر ڪرڻ لاءِ ھن ايڏا سارا جتن ۽ اھتمام ٿي ڪيا، تن جو ظاھر ٿيڻ بند ٿي ويو ھو، بلڪ اھي تہ اڃا ب جيئن جو تيئن ظاھر ٿي رھيا ھٿا، فرق رڳو ھي ھو تہ انھن جي ظاھر ٿيڻ ۾ ھاڻي سندس ڪو ھٿ ڪونہ ھو. ڏرتيءَ تي مينھن اڃا ب وسي رھيو ھو، سج اڃا ب پنھنجو روزانو ۽ چنڊ اڃا ب پنھنجو شبينو سفر آسمان ۾ ڪري رھيو ھو، موسمن جو خاموش جلوس، روشنائيءَ ۽ ماپي ۾، ڪمرن ۽ آس ۾، اڳي وانگر اڃا ب زمين تي جاري ھو، ساڻھو دستور موجب زندگيءَ جي عذابن سھڻ لاءِ جمي رھيا ھٿا ۽ زمين تي مختصر مسافت بعد، آخر وجي دائمي دنيا ۾ پنھنجن ابن ڏاڏن سان ملاقي ٿي ٿيا. سڀ شيون، درحقيقت، پنھنجي معمول مطابق ھلي رھيون ھيون، پر ان جي باوجود اھي ان ماڻھوءَ کي ھڪ نئين رنگ ڍنگ ۾ معلوم ٿي رھيون ھيون، جنھن جي اکين تان پراڻا ڪوپا ڪري چڪا ھٿا. جو تہ ھاڻي ھن جي اھا غلطفھمي دور ٿي چڪي ھئي تہ ڪو ھو ئي زمين ۽ آسمان کي سندن مقرر رستن تي ھلائي رھيو ھو ۽ جيڪڏھن ھو پنھنجو ڪمزور ھٿ انھيءَ ماندڙ مان ڪڍي ولندو تہ زمين ۽ آسمان پنھنجون عظيم گردشون ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندا! پنھنجن دشمنن ۽ دوستن جي موت ۾ ھن کي ھينئر پنھنجي يا ڪنھن مخالف جادوگر جي تيزتر جادوءَ جي طاقت نڪي نظر آئي، ھينئر ڪيس معلوم ٿي چڪو ھو تہ دوست ۽ دشمن ھڪ ئي نمونيءَ ڪن ٻين اھڙين قوتن اڳيان سيس نوائيندا آيا ھٿا، ۽ ڪن ٻين اھڙين تقديرن جي فرمانبرداري ڪندا رھيا ھٿا، جي سندس قبضہ قدرت کان ٻاھر ھيون.

چنانچہ پنھنجي قديم لنگر کان ڇڄي، شڪ شبھي ۽ غير يقينيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي طوفاني سمنڊ تي هڪ هنڊ ڪان ٻئي هنڊ ڏکن ڪائڻ لاءِ مجبور ٿي، ۽ پنهنجي خود اعتماديءَ ۽ پنهنجن قوتن جي اثرائتي هئڻ جي يقين کان ان طرح محروم ٿي، اسان جو هي قديم فيلسوف هريءَ طرح حيران ۽ پريشان ٿيو هوندو، تان جو هن خطرناڪ ۽ خوفائتي سامونڊي سفر کان پوءِ، ايمان ۽ عمل جي هڪ اهڙي مالي بندرگاهه ۾ اچي پناه ورتي هوندائين، جنهن ۾ کيس سندس ستائيندڙ شڪن شبهن جو حل ۽ فطري قوتن مٿان سندس حڪمرانيءَ جو ٿورو يا گهڻو نعم‌البدل ملي ويو، جنهن تان انتهائي مجبوريءَ ۽ بيدليءَ سان دستبردار ٿيو هو، جيڪڏهن هيءَ عظيم ڪائنات سندس ۽ سندس دوستن جي امداد کان سواءِ ئي پنهنجي رستي تي قائم هئي، تہ پوءِ يقيناً ڪي ٻيون هستيون، هن وانگر، ۽ هن کان زياده طاقتور، موجود هيون، جي پاڻ پوشيده رهي، ڪائنات جي نظام کي هلائي ۽ انهن مختلف‌الانواع تبديلين جي سلسلي کي رونما ڪري رهيون هيون، جن لاءِ ان وقت تائين کيس اهوئي يقين هو تہ اهي سندس جادوءَ جي طاقت جون مرهون منت هيون، هينئر کيس يقين آيو تہ اهي ئي ازغيبي هستيون هيون، ۽ نہ هو پاڻ، جي طوفاني هوائن کي هلائي، بجليءَ کي چمڪائي، ۽ رعد کي رڙڪائي رهيون هيون، جن هن پائدار ۽ ٺهريءَ زمين جا بنياد وڌا، ۽ بي صبر سمنڊن جون حدون مقرر ڪيون، جن کان اهي پاهر نہ نڪرن، جن هوا جي پرندن کي پنهنجو گوشت ۽ ويرانين جي درندن کي پنهنجو شڪار ڏنو، جن سرسبز زمين کي پرپور فصلن ڏيڻ، اوچين ٽڪرين کي گهاڻن ٻيلن سان ڍڪجڻ، جوشيلين نهرن کي پهاڙن هيٺان نڪري وادين ۾ وهڻ، ۽ مالي پاڻيءَ جي پاسي ۾ ساوڪ کي اپرڻ لاءِ حڪم ڏنو، جن انسان جي ناسن ۾ ساهه ٿوڪيو ۽ کيس زندگي بخشي، يا وري کيس جنگين، قحط ۽ بيماريءَ ذريعي فنا جو دروازو ڏيکاريو، پوءِ انهن طاقتور هستين کي هن مخاطب ڪرڻ شروع ڪيو، جن جي صناعي هن هاڻي قدرت جي انيڪ انيڪ، رنگا رنگي ۽ چمڪدار شين ۾ ڏني، انهن اڳيان هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمال الڪساريءَ ۽ لئڙت سان پنهنجي لاچاريءَ ۽ سندن پوشيده قوت تي پنهنجي داروبدار جو اظهار ڪيو، سندن رحم و ڪرم لاءِ هن دعا ڀي ته ڪيس دنيا جي نعمتن سان مالا مال ڪيو وڃي، انهن مصيبتن ۽ خطرن کان ڪيس محفوظ رکيو وڃي، جن جي درسيان انسان جي هيءَ فاني حياتي هرطرف کان وکوڙيل آهي، ۽ آخر ۾ سندس لازوال روح کي هن خاڪي پنجري جي پوسات کان آجو ڪري، ڪنهن پر مسرت عالم ۾ پهچايو وڃي، جتي ڪنهن به قسم جو دک درد، فڪر ۽ غم موجود نه هجي ۽ جتي هو سائن ۽ پين نيڪ سردن جي روحن سان خوشيءَ، اطمينان ۽ قناعت ۾ گذاري.

انهيءَ، يا ٻئي ڪنهن اهڙي نمونيءَ ڪن عقلمندن ۽ فهم و فراست جي مالڪن جادوءَ کان جان ڇڏائي، پاڻ ۾ اها عظيم تبديلي آندي هوندي. پر خود انهن ۾ به اها تبديلي مشڪل سان هڪدم يا جلد آئي هوندي، امڪان آهي ته ان جي رفتار نهايت ئي آهستگيءَ واري هئي ـ ۽ ان تبديل کي مڪمل طور پنهنجن پيرن جمائڻ ۾ هزارين صديون لڳي ويئون هجن. جو ته ساڻهوءَ ۾ اهو احساس ته قدرت جي نظام کي مڪمل طور پنهنجي مرضيءَ موجب هلائڻ هن جي وس کان ٻاهر آهي، بلڪل آهستي آهستي پيدا ٿيو هوندو، ناممڪن آهي ته هن قدرت جي نظام مٿان پنهنجي انهيءَ خيالي حڪومت جي نشي کان پاڻ کي هڪ ئي ڏڪ سان محروم ڪيو هوندو. هو پنهنجي انهيءَ عالمشان ۽ فخريه مقام تان قدم بقدم ئي پٺتي هٽيو هوندو، انهيءَ ميدان جو، جنهن کي هن ڪڏهن پنهنجي ميراث سمجهيو هو، هڪ هڪ قدم هن سخت افسوس ۽ آه و زاريءَ کان پوءِ ڇڏيو هوندو. ڪڏهن هن هوائن تي حڪم هلائڻ کان پاڻ کي مجبور ۽ قاصر سمجهيو هوندو، ته ڪڏهن برسات تي، ڪڏهن ڪڏهن سج جي تپش هن کي سندس حڪم عدولي ڪندي نظر آئي هوندي، ته ڪڏهن گجگوڙ مخالفت تي آماده ٿيندي معلوم ٿي هوندي، ۽ جيئن جيئن قدرت جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقي کان پوءِ ٻيو سندس قبضي کان ٻاهر نڪرندو ويو، تان جو جنهن کي هن کنهن وقت مڪمل اختيار ۽ اعليٰ حاڪميت سمجهيو هو، سا، محض مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ ۾ تبديل ٿيندي نظر آيس، تيئن تيئن ماڻهوءَ کي پنهنجي ضعف ۽ ڪمزوريءَ جو ۽ انهن پوشيده هستين جي طاقت جو زياده مڪمل احساس ٿيندو رهيو هوندو، جن جي وچ ۾ من ٻاڻ کي گهيريل ۽ وکوڙيل پئي سمجهيو. چنانچ مذهب، جو ابتدا ۾ انسان کان زياده طاقتور هستين جي وجود ۽ قوت جي ٿوريءَ گهٽيءَ قبوليت جو اظهار هو، علم ۽ ڄاڻ جي واڌاري سان گڏوگڏ انسان جي مڪمل مجبوريءَ جي اقرار ۽ احساس ۾ تبديل ٿيندو ويو، رڳو ماڻهوءَ انهن پوشيده طاقتن اڳيان پاڻ ۾ محسوس ڪئي. سندس پراڻي متڪبراڻ ۽ آزاد چال چلت، انهن اڻ-ڏٺل ۽ ناقابل فهم هستين اڳيان نئڙت ۽ نياز سان سجدن ڪرڻ ۾ تبديل ٿي ويئي ۽ هن انهن جي رضا تي پنهنجي گردن جهڪائڻ کي پنهنجو اعليٰ ترين اخلاق ۽ پسنديده گڻ سمجهيو. ۽ مذهب جي اهڙي عميق فهم ۽ هڪالهه ۾ خدائي رضا آڏو زياده تواضع ۽ خاڪساريءَ سان مڪمل نيازمنديءَ جي احساس جو فقط انهن اعليٰ دماغ شخصن تي اثر ڪيو آهي، جن جي بصيرت جو دائرو ايتري قدر وسيع آهي، جو هو قدرت جي اٿاه ۽ بي پايان وسعت اڳيان انسان جي بي مايگيءَ جو تصور ڪري سگهن ٿا. ننڍن دماغن ۾ وڏيون ڳالهيون سمائجي ڪونه سگهنديون آهن. انهن جي ڪوتاه سمجهه ۽ نيم انڌين نظرن ۾، سندن ذات شريف کان سواءِ بي، ڪابه چيز حقيقي طور عظيم ۽ اهم ڪانه هوندي آهي. اهڙين ننڍين دلين ۽ مختصر دماغن وارا ماڻهو مذهب ۾ ڪا منزل ڪانه ماڻي سگهندا آهن. اهڙن ماڻهن کي، دراصل، سندن اڳواڻ صرف مذهب جي ظاهري اصولن جي ظاهري تعميل ۽ ان جي احڪامن جي زباني اقرار لاءِ ئي تربيت ڏيندا رهندا آهن ـ ۽ اهڙيءَ طرح ٿيندي ٿيندي، عام خلق رڳو مذهب جي باهرين رسوماتي روپ ۾ رڳجي ويندي آهي، ۽ درحقيقت هو جادوءَ جي انهن پراڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهمن کي ئي ڇڏيا رهندا آهن، جن جي مذهب ۾ اجازت ڏني ٿو ۽ ته جن کي هو برداشت ڪري ٿو، پر جن جي هو ٽيسين ٻيخ ڪني نه ٿو ڪري سگهي، جيسين ماڻهن جي اڪثريت جي دماغي ۽ جسماني ڏانچن ۾ ان جون پختيون پاڙون باقي رهن ٿيون.

هن هنڌ پڙهندڙ هن سوال پڇڻ لاءِ آساده ٿيندو ته 'پهلا اهلي دماغ رکندڙ ماڻهن کي جادوءَ جي غلط نوعيت جو علم ان منزل کان اڳ چو نه ٿيو؟ هو اهڙين اميدن ۽ آسرن کي دل ۾ ڇو رکي ويٺا هئا، جن جو حشر ذري گهٽ هرحالت ۾ ناڪاميءَ کان علاوه ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿيٽو هو؟ ڪهڙيءَ دل سان هو اهڙيون معزز حرڪتون ڪندا رهيا، جن جو نتيجو ڪجهه به ڪونه هو، ۽ اهڙي بيمعني بکواس ڪندا رهيا، جنهن جو اثر ڪجهه به ڪونه ٿيٽو هو؟ اهڙن تجربن کي بار بار آزمائڻ جي همت ڪيئن ٿيندي هين، جي هر دفعي غلط ثابت ٿئي ٿيا؟' ان جو جواب هيءَ ٿو نظر اچي ته ان عظيم غلطفهميءَ جو سراغ ڳولي ڪڍڻ ڪنهن به حالت ۾ آسان ڪونه هو، ۽ نه ورڻي ناڪاميابيون ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون، جو ته زياده تر حالتن ۾، ۽ شايد هرحالت ۾، گهرڙ واقعو، جادوءَ جي جنتر ۽ ٽوٽي جي ٽوري گهٽي وقتي ڪان پوءِ، سچ پچ وقوع پذير ٿيندو هو، جنهن لاءِ جادوءَ جو عمل ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ صورتحال ۾، ان ڪالهه کي سمجهڻ لاءِ ته انهن حالتن ۾ به سندس جادو ٽي انهن واقعات کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ لازماً ذميدار ڪونه هو، هڪ عام سطح جي زود فهم دماغ کان وڌيڪ ڪنهن غيرمعمولي قسم جي تيز دماغ واري ماڻهوءَ جي ضرورت هئي. طوفان کي آڻڻ لاءِ، يا مينهن وسائڻ، يا دشمن جي موت آڻڻ جي ارادي سان جيڪا رسم ادا ڪئي ٽي ويئي، تنهن جي ڪري، اڳي يا پوءِ، اهو واقعو ضرور رونما ٻيو ٿيندو هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو عمل ڪيو ٽي ويو، ان صورت ۾ جيڪڏهن قديم وحشي انسان انهيءَ واقعي کي ان خاص عمل جو سڌو نتيجو ۽ ان کي جادوءَ جي اثرائتي هٿ جو بهترين ثبوت سمجهي ويهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي رهيو، ته ان لاءِ هن کي کهڙو ڏوهه ڏيئي ٿو سگهجي. ساڳيءَ طرح صبح جو سج کي اپارڻ، موسم بهار ۾ ڌرتيءَ کي سيارو جي گهريءَ نند" مان بيدار ڪرڻ لاءِ ادا ڪيل رسمون، پيو نه ته موافق آب و هوا وارن علاقن ۾ ضرور ڪامياب ٿيندڙ نظر ايندڙ، چو ته انهن علاقن ۾ سج پنهنجو زرين چراغ هر روز مشرق ۾ روشن ڪندو آهي، ۽ سال بسال موسم بهار ۾، ڌرتي پاڻ کي ازسرنو خوبصورت سبز پوشاڪ ۾ ملبوس ڪندي آهي. چنانچه عملي نتيجن ۾ اعتقاد رکندڙ وحشي، پنهنجي رجعت پسندانه رجحانات سبب، هڪ نظرياتي شڪن اڻارينڊڙ ماڻهوءَ ۽ انقلابي فيلسوف جي نازڪ خياليءَ ڏانهن لازم آهي ته ڪن ٻي ڪوٽ ڏيندو هوندو، جيڪو ڪيس اشارتاً ائين چوڻ جي همت ڪندو هوندو ته "سج جو هر روز مشرق مان اپرڻ ۽ بهار جو پوري وقت تي اچڻ، سندس يا سندس قبيلي جي روزاني ۽ سالياني رسمن جي باقاعده ادائگيءَ جو سڏو نتيجو ناهي ۽ جيڪڏهن اهي رسمون ڪڏهن ڪڏهن ادا نه ڪيون وڃن، يا انهن جو سلسلو بلڪل ختم ٿي چوٽ ڪيو وڃي، ته به اهو سج ائين ٿي اپرندو رهندو ۽ وڻ ٽڻ ائين ٿي ڦل ڏيندا رهندا." ظاهر آهي ته اهڙن بيهوده شڪن شبهن کي هڪ وحشي سندس ايمان ۾ رخنو وجهندڙ ماليخوليا سمجهي، غصي ۽ حقارت سان ٽوڪاري ڪڍي ڇڏيندو، چو ته سندس ذاتي تجربو واضح نموني ۾ انهن کي هر وقت غلط ثابت ڪيو ٻيلو هو. هو ائين ٿي چوندو هوندو: "چا، هن کان زياده واضح ٻي ڪا ڳالهه هوندي ته آڪ پنهنجي ٽڪي واري شمع هيٺ زمين تي ٻاريان ٿو، ته ان کان پوءِ سج پنهنجي طاقتور مشعل آسمان ۾ روشن ڪري ٿو؟ مون کي اهو ته پڌاءِ ته چا، بهار ۾ جڏهن آڪ پنهنجو سرسبز جبو پهريندو آهيان، تڏهن وڻ ٽڻ ائين نه ڪندا آهن؟ اهي حقيقتون هرهڪ جي ٻنهه اکين آڏو عيان آهن، ۽ آڪ انهن سان ٻڌل آهيان. آڪ ته سڏو سادو عملي ماڻهو آهيان ۽ نه تو جهڙن نظرياتي بحث ڪندڙن، الي مان وار ڪيندڙن ۽ منطق جي چوڌن لاهيندڙن مان. تنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي مسئلا ۽ اهي غور ۽ فڪر پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءَ تي بلڪل ٺيڪ هوندا، ۽ جيڪڏهن تون انهن ۾ ڦاسڻ چاهين ٿو تہ مون کي تيسين ڪوبہ اعتراض ڪونهي، جيسين تون انهن کي عملي جامو نہ ٿو پهرائين، پر مهرباني ڪري مون کي چڏي ڏي تہ آءٌ حقيقتن کي چهڻيو رهان: آءٌ چاڻان ٿو تہ منهنجا پير زمين ۾ ڪتل آهن."

انهيءَ قسم جي دليلبازيءَ جي غلطي اسان کي صاف نظر اچي ٿي، چو تہ ان جو واسطو اهڙين حقيقتن سان آهي، جن جي متعلق اسان اڄ ڪان گهٽو زمانو اڳ پنهنجو فيصلو ڪري چڪا آهيون. پر جيڪڏهن ساڳئي قسم جي دليلبازي ڪنهن اهڙي مسئلي متعلق ڪئي وڃي، جنهن جو ڪو قطعي ۽ آخرين فيصلو ٿيل نہ هجي، تہ ان کي پڌڻ سان اڄ ڪلهہ جا اسان جا پڙهيل ڳڙهيل ۽ سڏيل سامعين حقيقت پسندانہ سمجهي ان تي ڪنڌ ڏوڻ ڪرڻ شروع نہ ڪري ڏيندا؟ يا اهڙي دليلبازي ڪندڙ ماڻهوءَ کي جوهيلو ۽ انتهائيت ڏانهن مائل نہ سمجهي، بنهہ هڪ معتبر، حقيقت شناس ۽ صاحب فهم و فراست شخص نہ سمجهيو ويندو؟ جيڪڏهن اهڙي دليلبازي اسان وٽ اڄ ڪلهي سکهي ٿي ۽ ان صورت ۾ کهڙو تعجب آهي وحشي انسان ان مان ايڏي زماني تائين کو نقص نہ ڪڍي سگهيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

آب هوا، مٹان جادوءَ وسيلي ضابطو

۱ـ **پبلک جادوگر:** پڙهندڙ کي ياد هوندو ته جادوءَ جي هن ماڊل ۾ انسان اٽان آڻي داخل ڪيا هئاسين، جتي انسان انسان ـ ديوتا جي بن قسمن تي غور ڪري زهيا هئاسين. اهو ئي سراغ آهي، جنهن انهيءَ ماڊل مان انسان جي رهبري ڪئي. آخرڪار انسان کي هڪ مٿاهين ۽ ڪليل ميدان ۾ آڻي ڪيڏو آهي، جتان ٽوري ويساهين وٽي، جنهن ورائي، انهن انهيءَ راهه تي نظر ڦيرائي سگهنداسون، جيڪا اڳيئي طي ڪري آيا آهون، ۽ پوءَ اڳتي وڌڻ لاءِ وري پنهنجو دور دراز، اتاهون ۽ اهنجو رستو اختيار ڪنداسون. جنهن تي اڄا چڙهڻو اٿئون، ته جيئن ٽيڪ هلي پنهنجي آخريءَ منزل کي رسون.

اڳئين بحث جي نتيجي مان آسانيءَ سان واضح ٿيندو ته اهي ۾ انسان ـ ديوتا، علي‌الترتيب هڪ مذهبي پيشوا ۽ پيو جادوگر آهن. اول‌الذڪر جي حالت ۾ سمجهيو وڃي ٿو ته رواجي ماڻهوءَ کان مختلف ۽ بالاتر نوعيت جي ڪا هستي، ٽوري يا گهٽي غرضي لاءِ، انساني جسم اندر اچي واسو ڪري ٿي، ۽ گوشت پوست جي پڇري مان، جنهن ۾ ان سڪونت اختيار ڪرڻ پسند ڪئي آهي، معجزن ۽ پيشينگوئين وسيلي پنهنجي فوق‌البشر قوت ۽ ڄاڻ جو اظهار ڪري ٿي. انهيءَ قسم جي انسان ـ ديوتا کي الهامي قسم جو ديوتا ـ روپ سڏي سگهجي ٿو. ان ۾، ماڻهوءَ جو جسم هڪ ڪمزور ۽ خاڪي برتن آهي، جو خدائي ۽ لافاني روح جو مسڪن آهي. ان جي برعڪس، جادوگر جي قسم جو انسان ـ ديوتا فقط اهو ماڻهو آهي، جنهن کي انهن غير معمولي ۽ اعليٰ طاقتن جو مالڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو وڃي ٿو، جي هن جا پنهنجا پاٿر ۽ پيا عام ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن درجي ۾ پاڻ ڏانهن ۾ منسوب ڪن ٿا، چوتہ وحشي معاشري ۾ ڪو اهڙو ماڻهو مشڪل ئي هوندو آهي، جو جادوءَ ۾ هٿ ڪونہ وجهندو آهي. چنانچہ جتي پهرئين قسم جو انسان۔ ديوتا پنهنجون ديوتائي خصلتون هڪ اهڙي ديوتا کان حاصل ڪري ٿو، جو پنهنجو آسماني نور هڪ بي نور ۽ خاڪي پتلي ۾ وجهڻ لاءِ ڪنهن طرح آماده ٿئي ٿو، اتي پوئين قسم جو انسان۔ديوتا پنهنجي غير معمولي قوت فطرت سان هڪ قسم جي سنئين سڏيءَ ۽ طبعي هم آهنگيءَ مان حاصل ڪري ٿو. هو پهرئين قسم جي انسان۔ديوتا وانگر محض اهو برتن ناهي، جنهن ۾ ديوتا جو روح اچي سمائجي ٿو. هن جي سڃي وجود، جسم ۽ روح جو سُر ۽ تار قدرت جي ساز سان اهڙي تہ نازڪ نموني ۽ پرپور انداز سان ملايل آهي، جو هن جي هٿ ۽ گردن جي ٿوري ئي جنبش يا اشارو عالمي نظام جي ساز ۾ لهر پيدا ڪري وجهي ٿو. ٻئي پاسي، هن جو ديوتائي جسم ۽ روح پنهنجي قدرتي ماحول جي اهڙين ادنيٰ تبديلين ڏانهن ۾ حساس ۽ سجاڳ رهي ٿو، جن جو رواجي فاني انسانن تي ڪوبہ اثر پيدا نہ ٿو ٿئي. ۽ اسين انهن ٻنهي انسان۔ ديوتائن کي اصولي يا نظرياتي طور ڪهڙيءَ ۾ صفائيءَ ۽ چٽائيءَ سان هڪٻئي کان علحده ڪريون، تہ ۾ عمل ۾ ٻنهي جي درميان ڪو خاص فرق ڪرڻ دشوار آهي، ۽ هن ڪان پوءِ جيڪي مثال ايندا، تن ۾ اڃ ان فرق تي زور ۾ ڪونہ ڏينداسين.

اسين مٿي ڏسي آيا آهيون تہ جادوءَ کي عملي طور ڪن خاص فردن يا سڃي قبيلي جي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ۽ جڏهن اهو انفرادي مفاد لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو، تڏهن ان کي "خانگي جادو"، ۽ اجتماعي مفاد لاءِ تہ "پبلڪ جادو" چئو وڃي ٿو. ازانسواءِ مون اهو ۾ واضح ڪيو آهي تہ پبلڪ جادوگر وڏي اثر ۽ رسوخ جو مالڪ ٿئي ٿو، ۽ ان ڪري جيڪڏهن هو عقلمند ۽ صلاحيت جو مالڪ آهي، تہ هو ان منزل تائين آهستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهستي سرداريءَ يا بادشاهيءَ جي درجي تي وڃي رسي ٿو. ان کري پهلڪ جادوءَ جي جاچ پڙتال ڪرڻ سان اسان کي ابتدائي بادشاهي سرشتي جي منطق جي آسانيءَ سان خبر پنجي ويندي، جو ته وحشي معاشري ۾ اهڙا متعدد سردار ۽ بادشاه ٿي گذريا آهن، جن کي اعليٰ اختياريءَ جا اهي منصب فقط سندن هوشيار ۽ مشهور جادوگر هئڻ جي ڪري نصيب ٿيا.

عواسي مفاد جي ڳالهين مان، جن جي حاصل ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو، سڀ کان زياده اهم حيثيت خوراڪ جي آسان ۽ زياده دستيابيءَ کي ميسر آهي. اڳين صفحن ۾ جيڪي مثال پيش ڪيا ويا آهن، تن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪيئن نه شڪاري، ماهيگير ۽ ڪڙمي پنهنجي پنهنجي پيشي جي فائديمند پيرويءَ لاءِ جادوءَ جو استعمال ڪن ٿا.

۾ اهي سڀئي جادوءَ جو استعمال ڪن پهلڪ جادوگرن جي حيثيت ۾ سڃي قبيلي جي پلائي لاءِ نه، پر صرف پنهنجي شخصي حيثيت ۾ ۽ فقط پنهنجو پاڻ کي يا پنهنجي خاندان کي فائدي رسائڻ لاءِ ڪن ٿا. ۾ جڏهن اهي ساڳيا ساڻ سوڻ ماهيگير، شڪاري يا ڪڙمي پاڻ نه ٿا ڪن، ۾ سندن بدران پيشور جادوگر ڪري ٿو، تڏهن معاملي جي نوعيت ئي ڦري ٿي وڃي. قديم جهنگلي معاشري ۾، جتي پيشي جي يڪسانيت جو دستور رائج هوندو آهي، ۽ جتي قبيلي جيئن، مختلف ڏنڊن مطابق، تقسيم ڪيل نه هوندي آهي، اتي قريبا هر هڪ ماڻهو پنهنجو جادوگر پاڻ آهي، ۽ پنهنجي فائدي ۽ دشمن جي چهي لاءِ منتر ۽ خود پڙهندو آهي ۽ جادوءَ جا ٽوٽا ڦيٽا ۽ پاڻ ئي ڪندو آهي. ۾ اڪثر هلي جادوگرن جو هڪ جدا طبقو قائم ڪري، يعني هڪ خاص گروه کي پنهنجي ڪاريگريءَ ۽ مهارت سبب سڃي قبيلي جي فيض رسانيءَ لاءِ مخصوص ڪري ـ پوءِ اها مهارت بيمارن کي شفايابب ڪرڻ ۾ هجي، خواه مستقبل لاءِ پيشينگوئين ڪرڻ ۾، خواه آب هوا کي باقاعدگيءَ سان هلائڻ ۾ يا ٻي ڪنهن ۽ رفاه عام جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر ۾ ظاهر آهي ته انساني سماشري ترقيءَ جي شاهراه تي هڪ اهم قدم ڪنيو. پنهنجن انهن منصبي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جادوگرن جي اڪثريت جيڪي ذريعا اختيار ڪندي هئي، تن جي ظاهرظهور بي طاقت ۽ ناڪاره هئڻ سبب، اسان کي جادوگرن جي هن سماشرتي اداري يا تنظيم ڏانهن ڪوتاه نظريءَ کان ڪم نه ولڻ گهرجي. وحشي سماشري جي پوئين دور ۾ ڪن خاص ماڻهن جي گروه کي پنهنجي روزي حاصل ڪرڻ جي جسماني محنت ۽ مشقت کان آجو ڪري ڇڏيو، پر ان باري ۾ گوڀا سندن همت افزائي ڪئي ويئي، ته هو پنهنجو سڄو وقت قدرت جي مخفي قانونن جي تحقيقات ۾ صرف ڪن. اهو ته فقط سندن منصبي فرض هو، پر سندن پلائي ۽ ان ۾ ٻي هئي ته هو پنهنجيءَ قوم جي ٻين سڀني ماڻهن کان زياده معلومات رکڻ ۽ پاڻ کي هر اهڙيءَ ڪالهه ۾ ماهر ثابت ڪرڻ، جا ماڻهوءَ کي قدرتي طاقتن سان جدوجهد ڪرڻ ۾ پيش ڏئي، جا سندس دکن دردن ۾ ڪمي آڻي، ۽ سندس عمر دراز ڪري. نباتات ۽ معدنيات جي خصوصيات، موسمن جي وڇوهات، ڇڻ جي مختلف صورتن، سج جي روزانه ۽ سالياني گردش، ستارن جي جرڪن، زندگيءَ ۽ موت جي راز، انهن سڀني ڪالهين، اسان جي انهن قديم مفڪرن جي حيرت کي اڀاريو هوندو ۽ ڪين اهڙن مسئلن جي حل تلاش ڪرڻ لاءِ جوش ڏياريو هوندو، جن جي متعلق سندن معتقد، پوئلڳ، جي انهن ۾ نه فقط قدرت کي سمجهڻ جي اميد رکندا هئا ۽ منجهن قدرت جي عظيم قوتن کي انسان جي پلائيءَ لاءِ قبضي ڪرائڻ جي توقع به ڪندا هئا، انهن کان وقت بوقت موقعي بي موقعي، سوال پڇي، ڪين عجيب و غريب جواب ورتا ۽ وڃي انهن جلتن ۽ ڇڪيڏهن، انهن جاين، پهرين ڏڪا، غلط ۽ نشان ڪان ڪهڻ دور وڃي ٻڌڻ، ته ان ۾ انهن کي قصور وار نه ٺهرائي سگهجي، حقيقت طرف آهستي آهستي، پر مسلسل واڌارو ان ۾ آهي ته دائمي طور ڪي اٽڪل اندازي ڪيا ويڃن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انهن جي آزمائش کپي رهجي، جن مان کي اهڙا اندازا قائم رکجن، جي ان وقت حقيقتن سان ٺهکي اچن ۽ باقي ٻين کي غلط سمجهي رد ڪجي. قدرتي اسباب متعلق وحشي جادوگر جيڪي نظريا اختيار ڪيا، سي اسان کي بلاشبہ ظاهر ظهور غلط ۽ احمقانہ نظر اچن ٿا، پر انهن جي ڏينهن ۾ اهي بلڪل صحيح انومان هٿا، حالانڪ اڄڪلهه هلي اهي تجربي جي امتحان ۾ پاڻ جهلي ڪونہ سگهيا. هن باري ۾ مورد الزام ۽ للولي جي لائق اهي نہ آهن جن اهڙا اڻ گهڙيل نظريا ايجاد ڪيا، پر اهي آهن جي انهن کان بهتر نظرين سان روشناس ٿيڻ کان پوءِ به انهن اوائلي عقيدن کي چهٽيا رهيا. درحقيقت، دنيا جي ٻين ماڻهن کي سچ جي جستجو ڪرڻ جي اهڙي سخت ضرورت ڪانہ هئي، جهڙي اسان جي وحشي جادوگرن کي. علم ۽ ڄاڻ جو ڪم ازڪر ڏيکاءُ ئي هنن لاءِ نهايت ضروري هو، چو تہ ڪنهن به وقت، جيڪڏهن انهن جي غلطي پڪڑجي پوندي هئي، تہ سندن جان وڃڻ جو اندیشو پيدا ٿي پوندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ هنن کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ کي لڪائڻ لاءِ ڏونگ کان ڪم وٺڻو ٿي پيو، پر ساڳئي وقت هنن کي انهيءَ نقلي ڄاڻ بدران اصلي حقيقت کي تلاش ڪرڻ جو سبب به ملي ٿي ويو، چو تہ جڏهن ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ رکڻي ئي هجي، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ هرڪو چاهيندو تہ ان جي اصل حقيقت کان واقف ٿجي تہ بهتر: چنانچہ جادوگرن جي فضول دعوائن کي اسين کيتريقدر به رد ڪونہ ڪيون، ۽ انهن ڏونگن جي ويهي مذمت ڪريون، جي هنن انسان ذات کي ٺڳڻ ۽ گمراه ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيا، پر سيني گالهين جي تورتڪ ڪرڻ کان پوءِ اهو ئي نتيجو اخذ ڪرڻو پوي ٿو تہ معاشري جو اهو اوائلي "علمي" ادارو انسان ذات جي بيحساب بلائيءَ جو ڪارڻ ثابت ٿيو آهي. اهي، نہ فقط اسان جي حڪيمن ۽ جراحن جا، پر قدرتي سائنس جي هرهڪ شاخ جي موجدن جا به پيشرو هٿا. جن ڪارڻن سان پوين دورن جي ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاندار ۽ فائديمند نتيجا ڪڍيا، تن سڀني جي ابتدا انهن ڳئي، ۽ جيڪڏهن ابتدا ٻي طاقت ۽ ٻي فائدي هئي، تہ ان جو ڏوهہ انهن دشوارين تي هو، جي علم و عرفان جي راه ۾ حائل هيون، ۽ نہ جادوگرن جي فطرتي نا اهليت تي يا انهن جي ديده دانستہ شعبده بازيءَ تي.

۲۔ **جادو ذريعي مينهن تي ضابطو:** پهلڪ جادوگر قبيلي جي پلائيءَ لاءِ جيڪي ڪم ڪندو آهي، تن مان سندس هڪ اهم فرض آب هوا تي ضابطو رکي، مينهن کي ڪافي مقدار ۾ وسائڻ جو هوندو آهي. پاڻي ضروريات زندگيءَ جو هڪ اهم جزو آهي، ۽ اڪثر ملڪن ۾ ان جو دارومدار مينهن جي وسڪازن تي هوندو آهي. مينهن ڪان سواءِ ساوڪ سڪي ويندي آهي ۽ ماڻهو ۽ ڍور اڄ ۾ اسڙڪي اسڙڪي مري ويندا آهن. چنانچہ وحشي قبيلن ۾ 'مينهن ـ وسائيندڙ (جادوگر)' ڏاڍو اهم شخصيت جو صاحب هوندو آهي، پسا اوقات هن 'آسمان مان ڪرندڙ پاڻيءَ' جي فراهميءَ کي باقاعدي قائم رکڻ لاءِ جادوگرن جو هڪ خاص گروهہ هوندو آهي. پنهنجن فرضن جي ادائگيءَ خاطر هو جيڪي رستا اختيار ڪندا آهن، سي جيڪڏهن هميشہ نہ، تہ بہ اڪثر صورتن ۾ هم آهنگ يا تقالي جادوءَ جي اصولن تي مبني هوندا آهن. جيڪڏهن ڪين مينهن وسائڻو هوندو آهي، تہ پاڻيءَ جو چٽڪار ڪري، يا ڪڙڻ جهڙو آواز ڪري، ان جو نقل ڪندا آهن، ۽ جيڪڏهن انهن جو مطلب برسات بند ڪرڻ ۽ خشڪسالي پيدا ڪرڻ جو هوندو آهي، تہ ان حالت ۾ هو پاڻيءَ کان پاسو ڪندا آهن ۽ گهر ڀريل آسپاس کي سڪائڻ لاءِ باهہ سيکي پاڻ کي گرم ڪندا آهن. اسان جي ڪنهن مهذب پڙهندڙ کي ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهڙا جتن رڳو وچ آسٽريليا ۽ مشرقي ۽ جنوبي آفريڪا جي ڪن علائقن جي غير مهذب اڳهاڙن باشندن تائين محدود آهن، جتي ڪنور سج سال جو زياده تر حصو ڪليل ۽ نيلي آسمان مان هيٺ خشڪ ۽ اساڻيل زمين تي پنهنجا گرم ۽ سڏا ڪرڻا اڇلائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو آهي. اهي سا گيا طريقا يورپ جي زياده گهميل ۽ برساتي آب و هوا وارن علاقن جي ظاهري مهذب ماڻهن ۾ ۽ ڪڏهن عام جام هوندا هئا، ۽ اڄا تائين ۽ آهن. مٿين گالهين جي وضاحت هتي آڻ پهاڪ ۽ خانگي جادوءَ جي مثالن ذريعي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

چنانچ، مثال جي طور، روس ۾ دورپٽ ڪوٽ جي پرسان جڏهن مينهن جي تمام سخت ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي، تڏهن ٽي ماڻهو ڪنهن پراڻيءَ ۽ مقدس هنڌيءَ ۾ وڻن تي چڙهي ويندا هئا. انهن مان هڪ ڇٽو ڳجگوڙ جي نقل ڪرڻ لاءِ ڪينليءَ يا ڪنهن ننڍي ڏبي تي هٿوڑي سان ويهي ڏهل وڄائيندو هو، ٻيو ڇٽو وچ جي نقل ڪرڻ واسطي ٻن بندين کي پاڻ ۾ ٽڪرائي انهن مان چٽڪون ڪيندو هو، ۽ ٽيون، جنهن کي "مينهن وسائيندڙ" سڏيو ويندو هو، سو وڻ جي ٽاريءَ کي پاڻيءَ سان ڀريل برتن مان ٻوڙي، چئن ٽي پاسن کان ان مان پاڻي چڙڪائيندو هو. خشڪسالييءَ جي خاتمي آڻڻ لاءِ، پلوسڪا ڪوٽ جون عورتون ۽ چوڪريون رات جو مادرزاد اگهاڙيون ٽي، ڪوٽ جي آخرين ڇيڙي تائين ويندڙيون آهن ۽ ڪوٽ جي چئن ٽي طرفن کان وڃي زمين تي پاڻي هاريندڙيون آهن. نيوگائنا ٻيٽ جي مغرب ۾ گينلولو يا هلمهيرا جزيري ۾ برسات وسائڻ لاءِ اتان جو جادوگر هڪڙي خاص قسم جي وڻ جي شاخ پاڻيءَ ۾ ٻوڙي، ان مان زمين تي بوندون ڪيرائيندو آهي. نيو برٽن ۾، برسات وسائڻ وارو ڳاڙهن ساون پٽن واريءَ کنهن ول جا ٻن ڪيوڙي جي وڏي ٻن ۾ ويڙهي، انهيءَ بندل کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي، زمين ۾ دفن ڪندو آهي، ۽ ٻوءَ وات سان، مينهن جي پوڻ وقت جيڪو سوسائٽ ٿيندو آهي، تنهن جو نقل ڪندو آهي. اتر آمريڪا جي اوساها قبيلي جا ماڻهو جڏهن ڏسندا آهن ته برسات نه پوڻ ڪري هاڻي مڪائيءَ جو فصل سڙي رهيو آهي، ته ان وقت مقدس "بفلو" (مينهن) سوسائٽيءَ جا ماڻهو ميڙي، هڪ وڏو ڪونڊر پاڻيءَ سان ڀري، ان جي چوگرد چار دفعا ناچ ڪندا آهن. انهن مان هڪ پاڻيءَ جو وڏو ڊڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري، منهن آسمان ڏانهن ڪري، وات مان پاڻيءَ جو ڦوهارو اڇلائيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح وسندڙ مينهن يا ڪوهيري جو نقل ڪندو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ ڪونڊ کي اونڌو ڪري پاڻي زمين تي وهائيندو آهي، جنهن تي سڀ حاضرين گوڏن ڀر زمين تي ڪري، اهو هاريل پاڻي سڄو پي ويندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح انهن جا سڄا منهن گپ ماڻ ڏڪجي پوندا آهن. آخر ۾ سيمئي هڪ دفعو واه ۾ پاڻي جهلي، آسمان ڏانهن منهن ڪري، وري ٻ ڳڙجي وات سان ڦوهارو اڇلائيندا آهن، جنهن کان پوءِ سندن مڪائيءَ جو فصل سڪن کان بچي ويندو آهي. هر سال بهار جي موسم ۾، اتر آمريڪا جي نئشيز قبيلي جا ماڻهو گڏ ٿي، پنهنجي جادوگر کان سڄي سال لاءِ فصلن لاءِ فائديمند آب هوا خريد ڪرڻ ويندا هئا. جيڪڏهن برسات جي گهر ڪندا هئا تہ انهن جا جادوگر روڙو رکندا هئا، ۽ وات ۾ پاڻيءَ سان پريل پائيپ وجهي، نچندا هئا. پائيپ ۾ گلن کي پاڻي ڏيڻ واري ڦوهاري جي منهن وانگر ننڍا سوراخ ٿيل هوندا هئا، جن سان جادوگر آسمان جي انهيءَ حصي ڏانهن رخ ڪري، جتان پاڻيءَ سان پريل ڪرڻ ايندا هئا، ڦوهاري سان پاڻي ٻاهر ڪيندو هو ۽ نچندو رهندو هو. پر جڪڏهن برسات جي بجاءِ ماڻهن کي خشڪيءَ جي لوڙ هوندي هئي، تہ پوڙهو پنهنجي جهوپڙيءَ جي ڇت تي چڙهي ويندو هو ۽ ٻئي ماڻهون ڏ ڪيون نہ ڪري، ڪڪرن کي ڏاڍي زوردار ڪڙڪندڙ آواز ۾ چوندو هو. تہ ڀتان، جيئن آيا آهيو، ائين هليا وڃو! وڃ انگونيلنبو ۾ جڏهن ڪهڻي وقت تائين بارش ڪانہ پوندي آهي، تڏهن اتان نہ ٻيا ماڻهو "برسات جي مندر" ڏانهن ويندا آهن. اتي وڃي کان پوءِ هو آسپاس اپريل گاهہ وڌي زمين صاف ڪندا آهن ۽ سندن اڳوان زمين ۾ پوريل هڪ ڪونڊيءَ ۾ بيئر (شراب) وجهي، هيئن چوندو آهي: "اي ماسٽر 'چانٽا'، تو پنهنجي دل اسان جي طرفان سخت ڪئي آهي؛ تنهنجي چا مرضي آهي تہ اسين چا ڪريون؟ اسين تہ ائين فنا ٿي ويناسون. هاڻي پنهنجن ٻڍن کي سنهن ڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڏس، اسان توکي ٻيرڏنو آهي!" ان کان پوءِ سيٽي اهو ٻيڙ
ٻيڙندا آهن، جتي ڪنڊيڙن ٻارن کي ڏڪ پرائيندا آهن. پوءِ وٽن
مان ٽاريون ٽوڙي، هو سينهن لاءِ نچندا ۽ گائيندا آهن. جڏهن گهر
واپس پهچندا آهن، تہ گهر جي چائنڪ تي هڪ ٻاڻيءَ جو برتن
رکيل ملندو آهن، جو گهر جي ڪنهن پوڙهيءَ زال اتي رکيو
هوندو آهي. جيڪي ٽاريون ساڻ کڻي ايندا آهن، تن کي انهيءَ
ٻاڻيءَ ۾ ٻوڙي، مٽي جهلي چنڊکو ڏيندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح
جيڪي ٻاڻيءَ جون ٻوندون ڪرنديون آهن، تن مان هو برسات
جي ٻوندن جو مطلب ڪيندا آهن. بس ان کان پوءِ برسات
ڪارن ڪرن جي صورت ۾ ضرور پرجي ايندي. هٿن رسمن ۾ انسان
کي مذهب ۽ جادوءَ جي آميزش نظر اچي رهي آهي، ڇوتہ
ٻوندن جو وسائڻ صاف جادوءَ جو استعمال آهي، ۽ سندو ۾ ٻيڙ
جي قرباني ۽ پوڄا مذهبي رسمون آهن. اتر آسٽريليا جي "مارا"
قبيلي ۾، "برسات وسائيندڙ" ڪنهن تہ ڪنهن تلاءَ يا حوض تي
وڃي، مٽانئس ٻيهي، برسات جو منترگاني جي لهجي ۾ گائيندو آهي.
ان کان پوءِ حوض مان ٻاڻيءَ جو ٻڪ پري وات ۾ وجهي، چئن
ئي طرفن ڏانهن گرڙيون ڪندو آهي. بعد ۾ هو پاڻ تي ۽
ٻاڻي اڇلائيندو آهي ۽ ڪجهہ چئن طرفن ڏانهن ڦوڪاريءَ ڏيندي
گنيرتا سان قبيلي جي چانوٽيءَ ڏانهن واپس ويندو آهي. ان
کان پوءِ برسات يقيناً ايندي. عرب تاريخ نويس، مقريزي،
سينهن بندرڪرڙ جي وات بڌائي ٿو، جا حضرموت جي القمر نالي
هڪ بدوي قبيلي وارا اختيار ڪندا هئا. هو زيگستان جي هڪ
وٽ مان ٽاري ٽوڙي، ان کي باهم ڏيئي، ان جي برندڙ ڪاڌن
مٿان ٻاڻيءَ جا چنڊا هڻندا هئا. ان کان پوءِ جيڏن برندڙ ڪاڻيءَ
مٿان ٻاڻي غائب ٿي ويندو هو، تيڏن سينهن جو زور ۽ گهنجي
ويندو هو. منيپور جي مشرقي انگمي قبيلي وارن مان ڪن لاءِ
چوندا آهن تہ هو اهڙي ئي قسم جي هڪ رسم بلڪل اڻي
مطلب، يعني سينهن وسائڻ لاءِ ادا ڪندا آهن. ڪوٽ جو سکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پرندڙ ڪائي ڪٽي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي قبر مٿان رکندو آهي، جيڪو ٻاهه ۾ سڙي مئو هوندو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ بندڀءَ مٿان آهستي آهستي پاڻيءَ جا قطرا ڪيرائي، ان جي 'پياس' کي ڏڏو ڪندي، برسات اچڻ جي دعا پڙهندو رهندو آهي. هتي، پاڻيءَ سان ٻاهه جي وسائڻ واري عمل جي اثر کي، جيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي برسات جو ٿي نقل آهي، مثل ماڻهوءَ جي وابستگيءَ سان تقويت پهچائي وڃي ٿي، جو ٻاهه ۾ سڙي مرڻ سبب پنهنجي سڙيل جسم کي ڏڏي ڪرڻ ۽ درد کي دفع ڪرڻ لاءِ قدرتي طور پاڻيءَ لاءِ سخت منتظر هوندو.

عربن کان سواءِ ٻين ۾ ٻاهه کي مينهن بند ڪرڻ جو ذريعو ڪري استعمال ڪيو آهي. چنانچ، نيو برڻن جا سلڪا قوم وارا مينهن بند ڪرڻ لاءِ ٻٽر ٻاهه ۾ ڳاڙها ڪري، انهن کي ٻاهر برسات ۾ رکندا آهن، يا وري ٻاهر نڪري گرم رک مٿي هوا ۾ اڇلائيندا آهن. هو سمجهندا آهن ته ائين ڪرڻ سان مينهن جاڻ کي جاڻ بند ٿيو، جو ته ڪيس گرم ٽڙن يا رک ۾ سڙڻ هرصورت ۾ ناپسند هوندو آهي. تيلوگو قوم وارا نديڙيءَ چوڪريءَ کي اگهاڙو ڪري، سندس هٿ ۾ پرندڙ ڪاليءَ جو ٽڪر ڏيندا آهن، جو ڪيس مٿي جهلي مينهن کي ڏيکارڻو هوندو آهي. ائين ڪرڻ سان مينهن بند ٿي ويندو. نيو سائوٿ ويلس ۽ پورٽ اسٽيفنس وٽ، اڳاڻ جا "ويج" مينهن کي پڄائڻ لاءِ پرندڙ ڪائيون هوا ۾ اڇلائيندا هئا ۽ ساڳئي وقت وڏيون وڏيون ڦوڪون ڏيندا هئا ۽ واڪا ڪندا هئا. شمالي آسٽريليا جي انٽولپا قوم جو ڪو فرد رڳو سائي ڪائي ٻاهه ۾ گرم ڪري، ان سان هوا کي ڏڪ هڻي، مينهن بند ڪري سگهي ٿو.

انتهائي خشڪسالي جي وقت تي، وچ آسٽريليا جي ڏيڀري قبيلي وارا، وڏي واڪي ملڪ جي سفير ۽ پنهنجي اڏهڪيءَ حالت تي روئندا رڙيندا، پنهنجن ڏاڏن پڑ ڏاڏن جي روح کي، جن کي هو 'سورا-سورا' چوندا آهن، سڏي، ڪاڻن دعا پيندا آهن ته ڪين اهڙي قوت بخشي وڃي، جو هو زوردار مينهن وسائي سگهن. ڇو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سندن اعتقاد آهي تہ ڪکر ۽ هڪڙا جسم آهن، جن ۾ سندن پنهنجن ۽ همسايه قومن جي ٽوٽن ڦيٽن سبب 'سورا سورا' جي زير اثر برسات ٿيندي آهي. جنهن طريقي سان هو ڪکرن مان مينهن دستياب ڪندا آهن، سو هي آهي: زمين ۾ هڪ ڪڏ ڪوٽي ويندي آهي، جنهن جي ڏيگهه پارهن فوٽ ۽ ويڪر اٺ يا ڏهه فوٽ هوندي آهي ۽ ان جي مٿان ڪاٺ جي بنڊن ۽ وڻن جي ٽارين مان مخروطي شڪل جي هڪ جهوپڙي اڏي ويندي آهي. قبيلي جو بزرگ ۽ يا اثر شخص تيز پٿر جي ٽڪر سان ٻن جادوگرن جو رت ڪڍندو آهي، جن جادوگرن لاءِ اهو سمجهيو وينهو آهي تہ کين 'سورا-سورا' وٽان الهام آيل آهي، اهو رت، جو لونئين کان هيٺ جادوگرن جي پانهن مان ڪڍيو ويندو آهي، قبيلي جي ٻين ماڻهن مٿان اڇلايو ويندو آهي، جي جهوپڙيءَ اندر هڪٻئي مٿان ڳاهڻ ڪيو ويندا هوندا آهن. ساڳئي وقت اهي ۽ زخمي ماڻهو سنهي ۽ نرم گاه جون ٽڪيون ڀري اڇلائيندا آهن، جن مان ڪجهه گاهه سندن رفيقن جي رت سان ڀريل جسمن کي ڇهڻي پوندو آهي ۽ ڪجهه هوا ۾ اڏامندو رهندو آهي. رت مان مينهن جو مطلب ڪڍيو ويندو آهي ۽ گاهه مان ڪرن جو رسم جي ادائگيءَ جي دوران ۾ جهوپڙيءَ جي وچ ۾ ۽ پٿر رکيا ويندا آهن، انهن مان ڪارن ڪڏ ٽيندڙ ڪرن جو مطلب ڪڍيو ويندو آهي، جي برسات جا آثار هوندا آهن. ان ڪان پوءِ اهي جادوگر، جن جو رت ڪڍيو ويو هو، انهن ٻنهي پٿرن کي اتان ڏهه يا پندرهن ميل پري ڪٽي ويندا آهن، جتي انهن کي سيني کان زياده ڏکڻ وڻ تي وڃي رکندا آهن. ان وچ ۾ باقي ٻيا ماڻهو ڪلمي شورو ڪڏ ڪري، ان کي سنهو ٻڌين، ٻاڦ جي ڪنهن سوراخ ۾ اڇلائيندا آهن. ان ڪارروائيءَ کي 'سورا سورا' ڏسي، هڪدم ڪرن کي ڪنو ڪري، مينهن وسائيندا آهن. آخر ۾ سيٽي جوان ۽ پوڙها جهوپڙيءَ جي ارد گرد جمع ٽيندا آهن، ۽ هيٺ نڙي گهيٽن واڱر جهوپڙيءَ کي ٽڪر هڻندا آهن، اهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح جو هو ان سان زور سان ٻئي پاسي اچي ٽڪرائندا آهن ۽ وري ٻئي پاسي کان ائين ئي ٽڪر هٽندا واپس ساڳئي پاسي کان ٽڪري ايندا آهن، تان جو جهوڙي ٽٽي پوندي آهي. انهيءَ دوران ۾ کين هٿن يا پاڻهن جي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. "جهوڙيءَ" کي مٿن سان ڀاڙڻ جو مطلب ڪجهه جو ڀائڻ هوندو آهي، ۽ ان جي ڪرڻ سان سينهن جي ڪرڻ جو مقصد ورتو ويندو آهي." ظاهر آهي ته ٻئي ڀڙن کي، جي ڪجهه جو مظهر هوندا آهن، اوچن وڻن ۾ رکڻ سان مراد اصلي ڪجهه کي آسمان ۾ جمع ڪرڻ جي هوندي آهي. ڏيڙي قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته طهر وقت پاڻ جي جيڪا کل وڏي ويندي آهي، تنهن ۾ برسات وسائڻ جي طاقت هوندي آهي. چنانچه قبيلي جي اعليٰ ڪائونسل اهڙين کلن جو ذخيرو ضرورت سارو استعمال ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ موجود رکندي آهي. انهن کي هو احتياط سان، کنين ۾ ڏکي، جهنگلي ڪتي ۽ ارڙ ٽانگ جي چربيءَ سان گڏ لڪائي رکندا آهن. انهيءَ هڙ جي کلڻ وقت ڪنهن به عورت جي ان تي نظر نه پوڻ گهرجي. رسم ادا ٿيڻ کان پوءِ کل کي دفن ڪيو ويندو آهي، جو ته ان کان پوءِ ان جو اثر زائل ٿي ويندو آهي. برساتين پوڻ کان پوءِ قبيلي جا ماڻهو لازمي طور هڪ آپريشن ڪرائيندا آهن، جنهن ۾ سندن چاتين ۽ پاڻهن جي چمڙيءَ کي تيز پٿر جي ٽڪر سان چيريو ويندو آهي. ان کان پوءِ زخم کي کائيءَ جي لسي ٽڪر سان هلڪا ڏڪ هنيا ويندا آهن ته جيئن گهٽي ۾ گهٽ رت نڪري، تنهن کان پوءِ، ان جي مٿان ڳاڙهو سندر برکيندا آهن، جنهنڪري چمڙيءَ تي ڳاڙها نشان مٽي اڀري بيهندا آهن. وحشي ان جو هي سبب ڏيندا آهن ته کين برسات پوڻ ڪري خوشي حاصل ٿئي ٿي، ۽ انهن نشانن ۽ برسات جي وچ ۾ تمام ويجهو لاڳاپو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته اها آپريشن ايڏي ايذاءَ واري ڪانه هوندي آهي، جو ته ان جي دوران ۾ خود اهي، جن تي اها عمل ۾ ايندي آهي، ڪلندا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسخريون ڪندا رهندا آهن. سچ پچ تہ نئين نئين ٻارن کي ۽ جراح جي چوڌاري جمع ٿيندو ڏنو ويو آهي، جتي پنهنجي واري اچڻ تائين صبر سان ٻيٺا رهندا آهن. آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ هو وڏي فخر سان پنهنجون معصوم ننڍڙيون چاتيون تاڻي ڏيکي ويندا آهن ۽ وڃي برسات وسڻ لاءِ گيت ڳائيندا آهن. البت ٻئي ڏينهن زخمن جي ڪري ۽ آڪڙجڻ کان پوءِ هو ايتريقدر خوش نظر ڪونہ ايندا آهن. جاوا ۾ جڏهن مينهن جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، تڏهن ٻہ ڇٽا هڪٻئي کي ٽلهين ٽئين سان تيسين ماريندا رهندا آهن جيسين سندن ٻنين مان رت وهي، وهندڙ رت مان هو وسندڙ مينهن جو مطلب ڪيندا آهن، ۽ اهو مينهن کي وسائڻ جو سبب سمجهيو ويندو آهي. انڊيسينيا جي ايگهيو ضلعي جا ماڻهو، مينهن وسائڻ خاطر، هر سال جنوريءَ جي مهيني ۾ هڪٻئي سان هڪ هفتي لاءِ سچي پچيءَ جنگ ۾ مصروف ٿيندا هٽا، جنهن ۾ هڪ ڪوٽ ٻئي ڪوٽ جي خلاف وڙهندو هو. ٿورائي سال اڳ شهنشاه مينيلڪ انهيءَ رسم تي بندش وڌي. افسوس، جو ٻئي سال برسات ٿوري پيئي ۽ اتان جي عوام اهڙيون تہ وٺي دانهون ڪيون، جو شهنشاه کي انهن خونريز جنگين کي دوباره جاري ڪرڻ جي اجازت ڏيڻي پيئي— هر سال ۾ فقط ٻن ڏينهن لاءِ. جنهن مصنف انهيءَ رسم جو ذڪر ڪيو آهي، سو انهن موقعن جي رتوڇاڻ کي برسات تي ضابطو رکندڙ روحن کي راضي ڪرڻ جي قرباني سمجهي. ٿو ۽ ۾ تي مڱهي ٿو تہ آسٽريليا ۽ جاوا جي رسمن وانگر اها ٻہ وسندڙ مينهن جو نقل هجي. 'بعال' جي درويشن، جن پاڻ کي چاڪن جا چيهہ ڏيئي ۽ رت وهائي مينهن وسائڻ ٿي گهريو، تن ٻہ شايد انهيءَ سا ڪئي اصول تي عمل ڪيو ٿو ڏسجي.

هي اعتقاد عام جام آهي تہ جاڙن ٻارن کي قدرتي قوتن، خاص طرح مينهن ۽ آب هوا، متان جادو آفرين طاقت حاصل هوندي آهي. برٽش ڪولمبيا جي ڳاڙهن هندستانين جي ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبيلن ۾ هي عجيب و غريب وهم خاص طرح گهڻو ڦهليل آهي، جنهنڪري جاڙن ۽ ڀارن جي والدين مڙئن هنن عجيب قسمن جون پابنديون عائد ڪري رکيون آهن، جيتوڻيڪ انهن پابندين ۽ بندشن جو اصلي مقصد ۽ معنيٰ گهڻي حد تائين نامعلوم آهي چنانچہ برٽش ڪولمبيا جي زمشين قبيلي وارن جو اعتقاد آهي تہ جاڙن ڀارن جو آب هوا مڙئن کافي ضابطو هلندو آهي، ان ڪري هو "هوا ۽ برسات" کان هي دعا پنندا آهن: "اي جاڙن جا ساهہ، ڏڏو ٿي" ازانسواءِ هو سمجهندا آهن تہ جاڙن ڀارن جون خواهشون اڪثر پوريون ٿيندڙون آهن، جنهنڪري منجهائن هر ڪوئي جاڙن ڀارن کان ڊڄندو آهي، چو تہ هو سمجهندا آهن تہ جاڙا ڀار جنهن تي ڪاوڙيا آهن، تنهن کي ضرور رسائي سگهندا آهن. جاڙا ڀار هر قسم جي مڇين کي ۾ پاڻ ڏانهن سڏي سگهندا آهن، جنهنڪري انهن کي اهڙي ڪوڏ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جو مطلب آهي "سڪر سٽائي ڪرڻ وارا". برٽش ڪولمبيا جي ڪواڪيوتل هندستانين ۾ اهو اعتقاد آهي تہ جاڙا ڀار تبديل ٿيل "سالمن" مڇيون هوندا آهن، جنهنڪري انهن کي پاڻيءَ جي نزديڪ ٻنهہ وچ ڪوڙ ڏنو ويندو آهي، تہ متان اهي وري مڇيءَ جي صورت ۾ تبديل ٿي وڃن. ننڍي هوندي جاڙا ڀار پنهنجن هٿن جي اشارن سان ڪنهن ۽ قسم جي هوائن کي گهرائي سگهندا آهن، ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق آب هوا کي خوشگوار يا خراب ڪري سگهندا آهن، ازانسواءِ هو ڪاليءَ جي وڏي جهنجهٽي کي وڃائي، بيمارين ۽ ڇٽائي سگهندا آهن. برٽش ڪولمبيا جي نوٽڪا قبيلي جا ڄاڙها هندستاني پڻ سمجهندا آهن تہ جاڙن ڀارن جو ڪنهن نموني سان 'سالمن' مڇيءَ سان تعلق آهي. چنانچہ انهيءَ قبيلي جي جاڙن ڀارن کي سالمن مڇي قاسائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي، ۽ نہ وري ڪين تازي مڇي ڪائڻي يا هٿ سان ڇهڻي ئي هوندي آهي. هو سڙي يا خراب آب هوا ۾ آڻي سگهندا آهن، ۽ پنهنجي منهن کي ڪارو رنگ ڏئي، ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڏوئي صاف ڪرڻ سان، برسات وسائي سگهندا آهن. ڪاري منهن تان پاڻيءَ جي ڪرندڙ بوندن منجهان ڪارن ڪڪرن مان مينهن جي وسندڙ بوندن جومطلب ڪڍيو ويندو آهي. ٽامسن قبيلي وارن هندستانين وانگر، شوسواپ قبيلي وارا ۽ جاڙن هارن کي رچ سان منسوب ڪندا آهن، ۽ کين "نڊڙا رچڙا" ڪري سڏيندا آهن. انهن جي اعتقاد مطابق، جاڙن هارن کي سڃيءَ عمر تائين فوق‌الفطري طاقتون رهنديون آهن. بالخصوص هو چگي يا بري آب هوا پيدا ڪري سگهندا آهن. ٽوڪري کي مٿي هوا ۽ جهلي، ان مان پاڻي هاري، هو مينهن وسائي سگهندا آهن. ڪاڪ جي لسي ڪڪر کي، جو رسيءَ ذريعي لٽ سان ڳنڍيل هوندو هو، لوڏي، هو سڀ آب هوا پيدا ڪندا آهن، وڻ جي ڏاريءَ جي پنن تي پاڻي هاري هو طوفان برپا ڪندا آهن.

بانٽو حبشين جي هڪ قبيلي جا ماڻهو، جي ڏکڻ اوڀر آفريڪا جي ڊيلاگوئا اپسمنڊ جي ڪنارن تي رهندا آهن، جاڙن هارن سان آب هوا تي اثر رکڻ جي طاقت منسوب ڪندا آهن. اهڙيءَ عورت کي جنهن جاڙا هار ڇٽيا هوندا آهن، هو 'ٽيلو' جو نالو ڏيندا آهن، جنهن جو مطلب 'آسمان' هوندو آهي ۽ خود هارن کي 'آسمان جا هار' سڏيو ويندو آهي. هاڻي، جڏهن اتان جا ماڻهو طوفان جو انتظار ڪري ٽڪجي پوندا آهن، جي گهٽو ڪري سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مهينن ۾ ايندا آهن، ۽ خشڪسالي ايتريقدر وڌي ويندي آهي، جو ڏڪار جو انديشو پيدا ٿيندو آهي، ۽ سڃي ڪائنات، جا گذريل ڇهن مهينن کان ولي اڇي آسمان مان چمڪندڙ سج جي سڌن ڪرڻن سان سڙي، پياس وڃان پاهه ٿيل هوندي آهي ۽ ڏکڻ آفريڪا جي موسم بهار جي فرحت بخش وسڪارن لاءِ بيتاب. هوندي آهي، تڏهن اتان جون عورتون اسائيل زمين تي مينهن وسائڻ لاءِ ڪي رسمون ادا ڪنديون آهن. هو پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي، انهن جي بجاءِ گاه جا پڙا ۽ ٽوپيون پائيندڙ آهن، يا وري خاص قسم جي هڪ ول مان ٺهيل ڪوٽ ٿاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن موقعي تي پائيندڙ آهن. اهڙيءَ طرح ملبوس ٿي، خاص قسم جون دانهون ڪوڪون ڪنديون ۽ فحش راڳ گائيندڙون، هڪ ڪوٺ جي هڪ ڪوهم ڪان ٿي، ٻئي تي ويندڙون آهن ۽ انهن ۾ جمع ٿيل منّي ۽ گندگي صاف ڪنديون آهن. هيءَ گاله قابل ذڪر آهي ته اتان جا ڪوهم صرف ريتيءَ ۾ هڪ قسم جون ڪڏون هوندا آهن، جن ۾ ڪارو گندو پاڻي ٻيڙل هوندو آهي. ازانسواءَ عورتن کي ڪوٺ جي ڪنهن اهڙيءَ عورت جي گهر وڃڻو پوندو آهي، جا جاڙن ڀارن جي ماڻ هوندي آهي. آتي پهچي هو مڙس اهو پاڻي هارينديون آهن، جو هو دلن ۾ پري سان ڪٽي آيون هونديون. انهيءَ ڪارروائيءَ ڪرڻ ڪان پوءِ هو اهي ٻئي فحش راڳ گائيندڙون ۽ ٻيهودا ناچ ڪنديون، پنهنجو رستو وٺي ويندڙون آهن. اهڙن چڪرن لڳائيندي، پنن جي پوشاڪ ۾ ملبوس انهن عورتن تي ڪنهن به مرد جي نظر نه پوڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ملي ويندو اٿن، ته هو ان کي مار ڪيڻ، هڪ پاسي ڪٽي ڇڏو ڪنديون آهن. سيني ڪوهن کي صاف ڪرڻ ڪان پوءِ، هو مقدس هڙيءَ ۾ پنهنجن ونڊن جي قبرن مٿان وڃي پاڻي هارينديون آهن. ڪن وقتن تي ائين به ٿيندو آهي ته جادوگر جي چوڻ تي هو ڪن جاڙن ڀارن جي قبرن تي به وڃي پاڻي هارينديون آهن. اعتقاد هوندو آهي ته جاڙن ڀارن جي قبرن کي هميشه آلو رهڻ گهرجي، تنهنڪري جاڙڻ کي هو هميشه ڏينڊ جي ڪناري دفن ڪندا آهن. مينهن وسائڻ جا اهي سڀ اپاءَ جيڪڏهن بيڪار ثابت ٿيندا آهن، ته پوءِ ڪين اوچتو اچي اها گاله ياد پوندي آهي ته فلاڻي نه فلاڻي (جاڙي) پار کي فلاڻيءَ ٽڪريءَ جي پاسي ۾ خشڪ جاءِ تي دفن ڪيو ويو هو. "ته پوءِ ڪهڙو عجب"، اهڙيءَ حالت ۾ جادوگر چوندو آهي، "جو آسمان اهڙو تتل آهي! هن جو لاش ٻاهر ڪڍ ۽ ڪنهن ڏينڊ جي ڪناري تي قبر ۾ وڃي دفن ڪريوس!" سندس حڪم جي هڪدم بجا آوري ڪئي ويندي آهي. ڇو ته مينهن وسائڻ جو اهو ئي آخرين هٿيار استعمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ باقي وڃي وڻن ٻڌندو آهي.

هندن جي قديم ڪتاب مان، جنهن کي سام وِيد سڏيو ويندو آهي، جڏهن برهمڻ کي ڪو خاص منتر سکڻو پوندو آهي، تڏهن کيس جن قانونن جي تعميل ڪرڻي پوندي آهي، تن جي متعلق پروفيسر اولڊينبرگ جيڪا تشريح ڏني آهي، تنهن تشريح جي صحيح هجڻ لاءِ مٿيون حقيقتون قوي دليلن جو ڪم ٿيون ڏين. انهيءَ منتر ۾، جنهن کي 'سڪواري' (*Sakvari*) گيت سڏيو ويندو آهي، اندر ديوتا جي هٿيار، ڳجگوڙ، جي طاقت سمايل سمجهي ويندي هئي. چنانچه ان جي خطرناڪ ۽ خوفناڪ طاقت سبب، جنهن سان ان منتر کي پريل سمجهيو ويندو هو، جنهن همت پرٿي شاگرد کي، ان منتر جي سکڻ جي جرئت ٿيندي هئي، تنهن کي ٻين ماڻهن کان جدا ٿي، ڪنهن ٻيلي ۾ وڃي گوشه نشيني اختيار ڪرڻي پوندي هئي. اڻي ڪجهه عرصي تائين، جنهن جو مدو جدا جدا قانوندانن جي راءِ مطابق، هڪ کان ٻارهن سال تائين هوندو هو، کيس زندگيءَ جي ڪن قانونن جي پيروي ڪرڻي پوندي هئي، جن مان کي هي آهن: روز ٽي دفعا کيس پاڻيءَ کي ڇهڻو پوندو هو، کيس ڪارو لباس ۽ ڪاري ماني استعمال ڪرڻي پوندي هئي، برسات پوڻ وقت، کيس ڇت جي پناه نه وٺڻي هئي، ۽ برسات ۾ ويهي هيٺ ڇوٽو هوس، "پاڻي ٽي سڪواري راڳ آهي"، ۽ ڄ ڇمڪڻ وقت چوندو هو، "هي ڇمڪاٽ سڪواري راڳ وانگر آهي"، ڳجگوڙ جو آواز ٻڌي چوندو هو، "اها عظيم مستي کيڏو نه ڳوڙ ٽي ڪري"، کيس خيال رکڻو پوندو هو ته وهندڙ پاڻيءَ جي نهر پاڻيءَ کي ڇهڻ کانسواءَ پار نه ڪري، يعني پيڙيءَ تي تيسين قدم نه رکي جيسين سندس حياتي خطري ۾ نه هجي، ۽ ان حالت ۾ نه پيڙيءَ تي پهچڻ شرط پاڻيءَ کي ضرور ڇهي، ڇاڪاڻ ته عام ڇوٽي هوندي هئي ته "پاڻيءَ ۾ ٽي سڪواري راڳ جي خوبي آهي". آخرڪار جڏهن کيس خود انهيءَ منتر جي سکڻ جي اجازت ملندي هئي، تڏهن کيس اهڙي برتن ۾ پيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي ۾ بار بار هٿ پوڙڻا پوندا هئا، جنهن ۾ هرقسم جا ساوا ٻوٽا رکيل هوندا هئا. جيو ويندو هو ته جيڪو به انهن سيني اصولن جي تعميل ڪندو، تنهن جي چوڻ تي بارش جو ديوتا، پرجنيه (*Parjania*) مينهن موڪليندو. واضح آهي ته، پروفيسر اولڊينبرگ جي قول مطابق، "انهن سيني قاعدن جو مقصد برهمڻ جو پاڻي ۾ سان سنڌ پيدا ڪرڻ، ڪيس پاڻي ۾ جي قوتن جو حاصل ٿيڻ ۽ ڪيس انهن جي دشمني ۾ کان محفوظ رکڻ جو آهي. ڪارن ڪرڻ ۽ ڪاري ۾ مانيءَ جو به ساڳيو ئي مفهوم آهي، ان ۾ ڪنهن کي به شڪ نه ٿو اچي سگهي ته انهن جو واسطو مينهن جي ڪارن ڪڪرن سان آهي، خاص طرح جڏهن اها ڳالهه ياد ڪبي ته مينهن وسائڻ لاءِ اڪثر ڪاري رنگ جي ڪنهن جاندار جي قرباني ڪرڻي پوندي آهي، '۔ اهو ان ڪري ڪارو آهي، جو مينهن جي فطرت ئي اهڙي آهي'. مينهن جي هڪ ٻي منتر جي سلسلي ۾ صاف طور جيو ويندو آهي، '۔ هو اهڙي ڪاري پوشاڪ پائيندو آهي، جنهن جي ڪناري به ڪاري هوندي آهي، جو ته مينهن جي اهڙي ئي خوبي هوندي آهي'. اهي ئي ڳالهيون آهن، جن جي روشنيءَ ۾ اسين اهي انومان ڪڍي سگهون ٿا. ته ويدن جي فڪري نظرين ۽ احڪامن جي دائري ۾، تمام پراڻي ۽ قديم دور جي جادوءَ جي رسمن کي محفوظ ڪيو ويو آهي، جن جو مطلب مينهن وسائيندڙ کي پنهنجي منصب لاءِ تيار ڪرڻ ۽ ڪيس ان مقصد لاءِ پنهنجي پاڻ کي اربل ڪرڻ جو هوندو هو."

هي ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي ڪانه آهي ته جتي اڄتي نتيجي ڪڍڻ جو مقصد هوندو آهي، اتي اوائلي منطق مطابق "هوائن ۾ تبديلي آڻيندڙ" کي بلڪل مخالف اصولن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي. خط استوا جي علائقي ۾، جاوا جي ٻيٽ ۾، جتي ساوڪ جي جهجهائيءَ مان ثابت آهي ته آتي برسات جام ٿوي ٿي، مينهن وسائڻ جون رسمون تمام ٿوريون ۽ ان جي بند ڪرڻ جون رسمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام گهٹيون ۾ انيڪ قسمن جرن ادا ڪيون ويندیون آهن. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي برسات جي موسم ۾ ڪا وڏي دعوت ڪرڻي هوندي آهي ۽ هن ان لاءِ گهٹن ماڻهن کي مدعو ڪيو هوندو آهي، تڏهن هو "هوائن جي ڊاڪٽر" وٽ ويندو آهي ۽ کيس "ڪرنڊڙ ڪرن کي ٽنيو ٽوٽي ڏيئي، مٿي مضبوط رکڻ" لاءِ عرض ڪرڻو پوندو آهي. جيڪڏهن "ڊاڪٽر" پنهنجي پيشي جي قوتن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ راضي ٿيو، تہ گراهڪ جي ڀٹي ڏيڻ سان هو پنهنجيءَ چال چلت کي هڪدم ڪن خاص قاعدن مطابق هلائڻ شروع ڪندو. هو روزو رکندو، ۽ نہ پاڻي پيئندو ۽ نہ بت تي وجهندو. جيڪي ٽورو گهٹو کائيندو ٻہ ڪٽي، تہ اهو سڪل هوندو، ۽ ڪنهن ٻہ صورت ۾ پاڻيءَ کي هٿ نہ لائيندو. ميزبان، پنهنجي طرفان ۽ سندس نوڪر ۽ نوڪرياڻيون، دعوت جي دوران ۾، نہ ڪپڑا ڏوئيندا ۽ نہ وري وهنجندا، علاوه ازين دعوت ختم ٿيڻ تائين سيني کي جنسي تعلقات کان سخت پرهيز ڪرڻي پوندي آهي. "ڊاڪٽر" پنهنجي آرامگاه ۾، دعوت شروع ٿيڻ کان ٽورو اڳ، نئين تڏي تي تيل جي ڏٽي سامهون ويهي، هي منتر پڙهندو آهي: "ڏاڏا ۽ ڏاڏي سروڪوئل،" (اهو ڏالو هميشه ڪونہ ڪنيو ويندو آهي، ڪن وقتن تي اهڙا ٻيا نالا ٻہ ڪنيا ويندا آهن) "پنهنجي وطن واپس وڃ، تنهنجو اصلي ملڪ 'اڪيمت' آهي، پنهنجي پاڻيءَ جي گهڙي کي هيٺ رکي، ان کي چگيءَ طرح ڏسڻ ڏي تہ جيئن ان مان هڪ قطرو ٻہ ٻاهر نہ هارجي." اهو منتر پڙهندي، جادوگر آسمان ڏانهن ٻہ نهارينڊو رهندو ۽ ڏوپ واس ٻہ ساڙيندو رهندو. ساڳيءَ طرح ٽوراجا قبيلي وارن جو مينهن - وسائيندڙ ڊاڪٽر، حڪيم يا جادوگر، جنهن جو خاص فرض مينهن کي پچائڻ جو هوندو آهي، پنهنجن منصبي فرضن جي بجا آوري ڪرڻ کان اڳ يا انهن جي دوران ۾ يا انهن کان بعد پاڻيءَ کي هٿ نہ لائيندو آهي - غسل ڪونہ ڪندو، اڻ ڏوتل هٿن سان ساڻي کائيندو، ۽ پيئڻ لاءِ فقط ٽاڙي استعمال ڪندو، ۽ جيڪڏهن کا نهر يا کسي پار ڪرڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندیس، تہ احتیاط ڪري پاڻي ۾ آلي ٽيڪ کان پاڻ کي بچائيندو. اهڙيءَ طرح پنهنجي فرض ادائيءَ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري، هو پنهنجي لاءِ ڪوٺ کان باهر ڪنهن جانور جي ٻنيءَ ۾ جهوپڙي اڏائيندو، جنهن ۾ هو باهم جو ننڍو مڇ پاريندو، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ وسائڻ نہ ڏيندو. انهيءَ باهم ۾ هو مختلف قسمن جون ڪائيون پاريندو آهي، جن ۾ مينهن کي لوڏي ڪيڏ جي خوبي سمجهي ويندي آهي. ساڳئي وقت هو پنهنجي هٿ ۾ پنن ۽ چوڏڻ جو هڪ بندل جهلي، انهيءَ طرف ڦوڪون ڏيندو آهي، جتان مينهن جي اڇ جو انديشو هوندو آهي، اهڙن پنن ۽ چوڏڻ ۾ ۽ مينهن کي مجبور ڪرڻ جي خصوصيت سمجهي ويندي آهي، جا انهن جي ڪيميائي بناوٽ سبب نہ، پر انهن جي نالن جي سبب سمجهي ويندي آهي، جن جي معنيٰ ڪا "خشڪ ۽ جلد باهم پکڙيندڙ شيءِ" هوندي آهي. جيڪڏهن هن جي ٽوڻن ڦيڻن ۾ مصروف هڻڻ جي دوران ۾ آسمان تي بادل نمودار ٿي پوندا آهن، تہ پوءِ هو پنهنجيءَ سٽ ۾ چونو ڪٽي، ان کي ڪرن جي طرف ڦوڪن سان اڏائي چڏيندو آهي. چوني جي خشڪ نوعيت هڻڻ سبب، ان کي آلن ڪرن کي هڪالي ڪيڏ جو مجاز سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن بعد ۾، برسات جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، تہ ڪيس باهم جي مڇ ،تي فقط پاڻي هارڻو پوندو آهي، جنهن کان فوراً بعد مينهن نارا ڪري وسندو.

پڙهندڙ کي معلوم ٿي چڪو هوندو تہ ڪيئن نہ جاوا وارن ۽ ٽوراجا قبيلن جون رسمون، جي مينهن بند ڪرڻ لاءِ ادا ٿين ٿيون، ڳاڙهن هندستانين جي انهن رسمن جو بلڪل ضد آهن، جي مينهن وسائڻ لاءِ ادا ٿيون ٿين. ڳاڙهن هندستانين جي "سياڻي" لاءِ پاڻيءَ کي باقاعدگيءَ سان هر روز ٽن دفعن کان علاوه ڪن مختلف خاص موقعن تي ۽ ڇهڻ لازمي هوندو آهي، حالانڪ جاوا وارن ۽ ٽوراجا جي جادوگرن کي پاڻيءَ کي هٿ لائڻ جي ۽ منع هوندي آهي. ڳاڙهو هندستاني باهر ٻيلي ۾ رهندو آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برسات ۾ ٻ ڪيس پناه واڻي ڪاڻ هوندي آهي، جاوا ۽ ٽوراجا وارا مينهوگيءَ ۾ گهر يا جهوپڙيءَ ۾ اندر رهندا آهن. پهريون شخص برسات کي پنهنجي بدن تي وسائي، ۽ ان جو ذکر احترام ۽ عزت سان ڪري، پاڻيءَ سان پنهنجي هم آهنگيءَ جو اظهار ڪري ٿو، جاوا ۽ ٽوراجا وارا وري ڏيئو يا باه ٻاري مينهن کي ڏوڙائي ڪيڏ جا جتن ڪندا آهن. ان جي باوجود ٽيئي جڏا هڪ ٻي اصول تي عمل پيرا رهن ٿا، منجهانئن هرهڪ، پاراڻي سانگ وانگر، پاڻ کي قدرت جي اهڙيءَ طاقت سان مشابهه سمجهي ٿو، جنهن کي ڪيس وجود ۾ آڻڻ جو ارادو آهي. اها هڪ قديم غلطفهمي آهي ته 'اثر پنهنجي سبب سان مشابهت رکي ٿو' - يعني، تَر آب هوا پيدا ڪرڻي هجي، ته پاڻ کي آلو رکجي، خشڪ آب هوا گهرجي، ته پاڻ کي خشڪ رکجي.

جنوب - مشرقي يورپ ۾ مينهن وسائڻ لاءِ اڄ ٻ اهڙيون رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون، جن جو بنياد نه فقط خيال جي ساڳئي سلسلي تي رکيل آهي، پر تفصيلن ۾ ٻ اهي انهن رسمن سان مشابهت رکن ٿيون، جي ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڊيليگوئا اپيمنڊ جا هارنگا قبيلي وارا ادا ڪندا آهن. ٽسلي ۽ مئسيڊونيا جا يوناني جڏهن ڏسندا آهن ته خشڪ موسم تمام طويل ٿي ويئي آهي، تڏهن هو هڪڙو جلوس ڪڍي، انهن کي پسگردائيءَ جي سيني کوهن ۽ چشمن تي موڪليندا آهن. جلوس جي قيادت هڪ چوڪري ڪندي آهي، جنهن کي گلن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ جنهن جي متان رستي ۾ ٻيهڻ جي هرهڪ جاءِ تي پاڻيءَ جا گهڙا هاريا ويندا آهن، ۽ ساڳئي وقت جلوس ۾ شريڪ ٽيل سيئي پار گڏجي هڪ منتر گائيندا آهن، جنهن جو هڪ حصو هيئن آهي:

اي "پرپريا"، جيئن تون تازيءَ شبنم سان پريل آهين،
تيئن اسان جي هن سڃيءَ پسگردائيءَ کي تازو ڪر،
ٻيلي جي پاسي واريءَ شاهراه سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن هاڻي تون گذرين ٿو، تيئن خدا کان دعا گهرا
اي منهنجا مالڪ، هن خشڪ ميدان ۾،
تون اسان ڏانهن هڪ مائو مينهن موڪل ڪ
جيئن ٻنيون سڀ سايون ۽ قلدار ٿين،
۽ انگورن جون وليون ڏسون تہ پور جهاڙ ٻهن،
تہ جيئن پرپور فضل ۽ سنگن ۾ سڄو سارو ان ٿئي،
۽ چوڌاري آدمي سکيا ستابا ۽ آسودا ٿين.

خشڪسالي ۾ سرايا جا باشندا هڪ چوڪري کي مادرزاد اگهاڙو ڪري، ڪيس گاهه جڙي ٻوٽين ۽ گلن جي پوشاڪ پهرائيندا آهن، حتيٰ ڪ ان جو منهن به ساوڪ جي پردي پٽيان لڪي ويندو آهي. اهڙي پوشاڪ ۾ ملبوس ٿيڻ کان پوءِ هن کي "ڏوڏولا" سڏيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ هوءَ چوڪرين جي ٽولي سان گڏ گهوٽ ۾ ڦرندي آهي. هي چوڪريون گهوٽ جي هر دروازي وٽ بيهنديون ويندڙون آهن، جتي ڏوڏولا ڦيريون پائيندي ۽ نچندي آهي، ۽ باقي ٻيون چوڪريون ان جي چوڌاري دائرو ٻڌي، "ڏوڏولا گيتن" مان هڪ گائيندڙون آهن. پوءِ گهر ڏياڻي ڏوڏولا تي پاڻي جي بالٽي اوتي، ڪيس تر بتر ڪري ڇڏيندي آهي. اهي چوڪريون جيڪي گيت گائيندڙون آهن، تن مان هڪ هيئن آهي:

اسين گهوٽ وڃان وڃون ٿيون،
ڪکر وڃن ٿا آسمان ۾،
اسين زياده تيز هلون ٿيون،
ڪکر زياده تيز هلن ٿا،
ڪکر اسان کان اڳتي نڪري ويا،
۽ اناج ۽ انگور جي وليءَ کي آلو ڪري ڇڏيائون.

هندستان ۾ پوني وٽ جڏهن مينهن جي شديد ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، تڏهن چوڪرا گڏ ٿي پاڻ منجهان هڪ کي اگهاڙو ڪري، ان کي پنن جو لباس پهرائيندا آهن ۽ کيس "مينهن جو بادشاه" سڏيندا آهن. پوءِ، اهي گڏجي گهوٽ جي هر هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر تي ويندا آهن، جتي گهر جو مالڪ يا سندس زال، "مينهن جي بادشاهه" کي پاڻيءَ سان پڇائي، کين قسم قسم جو ڪاڏو ڏيندا آهن، جڏهن سيني گهرن جو چڪر لڳائي ختم ڪندا آهن، تڏهن "مينهن جي بادشاهه" جي پنن جي پوشاڪ لاهي، خيرات جي طعامن تي ويهي خوب محفل ڪندا آهن.

جنوبي ۽ مغربي روس جي ڪن علائقن ۾ 'وهنجڻ' کي مينهن وسائڻ جي جنتر طور استعمال ڪندا آهن. ڪن وقتن تي ديول مان عبادت ڪري باهر نڪرڻ وقت، پنهنجن منصبي جبن ۾ ملبوس پادريءَ کي، سندس حلقي جا عبادت گذار زمين تي ڪيرائي پاڻيءَ سان تربتر ڪري چڏيندا آهن. ڪڏهن وري سينٽ جان دي بپٽسٽ جي ڏينهن تي عورتون پنهنجن ڪپڙن لاهي ڪان سواءِ ئي ماڻهن جي مجمع جي وچ ۾ وهجنديون آهن، ۽ ساڳئي وقت هو وٽن جي ٽارين، گاهه ۽ جڙي ٻوٽين مان ٺهيل بوتي کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندیون آهن، جنهن کي هو سينٽ جان جو مظهر سمجهنديون آهن. جنوبي روس جي ڪرسڪ صوبي ۾ جڏهن مينهن جي سخت ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، تڏهن اتان جون زالون ڪنهن به اجنبي راهگير کي پڪڑي درياه ۾ ڌڪو ڏينديون آهن، يا وري ڪيس ٽڪن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين پاڻيءَ سان تربتر ڪري چڏيندیون آهن. اڳتي هلي ڏسنداسون ته واڌرو اجنبيءَ کي اڪثر هندن تي ديوتا يا ڪنهن قدرتي قوت جو شخصي مظهر تسليم ڪيو ويندو آهي.

سرڪاري دستاويزن ۾ تحرير ٿيل آهي ته سن ۱۷۹۰ع واري، خشڪ سال ۾، شيرائوز ۽ ورباٿوز جي ڪڙمين سڀني عورتن کي جمع ڪري کين وهنجڻ لاءِ مجبور ڪيو ته جيئن برسات پوي. آرمينيا ۾ پادريءَ جي زال کي پاڻيءَ ۾ ڌڪو ڏيئي، کيس ڀڄائي چڏڻ جي عمل کي مينهن وسائڻ جو ٽوٽو سمجهيو ويندو آهي. شمالي آفريڪا جا عرب خشڪساليءَ جي آخرين علاج واسطي پنهنجي بزرگ کي، طوعاً و ڪرهاً چشمي ۾ اڇلائيندا آهن. اترسيليس جي مناهسا صوبي ۾ مينهن وسائڻ لاءِ پادري پاڻ وهجندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي سيليبس ۾ جڏهن گهٽي وقت ڪان وڌي مينهن ڪوٽ پيو هوندو آهي ۽ ساريون سڪ شروع ڪنديون آهن، تڏهن اتان جا اڪثر ڪوناٽا، خاص طرح نوجوان چوڪرا، پاسي واريءَ نهر ۾ وڃي هڪٻئي کي پاڻي هڻندا ۽ شور و غل مچائيندا آهن، يا وري بانس جي پورن لڪڙن ۾ پاڻي پري هڪٻئي کي پري پري ڪان ٻيهي هڻندا آهن. ڪڏهن وري هو پاڻيءَ جي مٿاڇري تي هڻن جي ترين سان ڏڪ هڻي، يا ان تي اونڌو ڪوزو رکي ان جي تري کي آڱرين سان وڄائي، بارش جي مٿان ڪرڻ جي آواز جو نقل ڪندا آهن.

ڪڏهن وري انين سمجهيو ويندو آهي ته عورتون هر هلائي يا هر هلائڻ جو ڍونگ ڪري، مينهن وسائي سگهن ٿيون. چنانچه ڪوه قاف جي علاقي جي پشا ۽ چيوسر قبيلن وٽ "مينهن کي هر ڏيڻ" نالي هڪ رسم مروج آهي، جا اهي خشڪساليءَ جي موقعي تي ادا ڪندا آهن. اتان جون چوڪريون پاڻ کي هر ۾ جوڙي، ان کي گهلي، چيلهه جيتري پاڻيءَ تائين درياه ۾ گهڙي ويندڙيون آهن. ساڳين حالتن ۾، آرمينيا جون زالون ۽ چوڪريون ٻ اهائي رسم ادا ڪنديون آهن. منجهانئن سڀني کان زياده سن رسيده عورت، يا پادريءَ جي زال، پادريءَ جا ڪپڑا پائيندي آهي، ۽ باقي ٻيون مڙداڻو لباس ڍڪي، هر کي اوپاري پڻيءَ مان گهليندڙيون ويندڙيون آهن. ڪوه قاف جي جارجيا صوبي ۾ جڏهن خشڪ موسم تمام گهٽي عرصي تائين هلندي آهي، تڏهن شاديءَ جي قابل چوڪرين کي ڍڪڻ جي پاچاريءَ ۾ جوڙيو ويندو آهي، پادري رسا جهليندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح اهي نهرن، دهن، ڪڙن ۽ ڪوهن مان دعائون پڙهنديون، رڙيون ۽ دانهون ڪنديون، ڪڏهن روئنديون ته ڪڏهن ڪلنديون، وڏنديون ويندڙون آهن. ٽرانسلوانيا ضلعي ۾ جڏهن زمين خشڪيءَ سبب سڪي لوڻ ٿي ويندي آهي، تڏهن اتان جون ڪي چوڪريون اگهاڙيون ٿي، ۽ ڪنهن پوڙهيءَ عورت جي اڳوانيءَ هيٺ، جا پاڻ ٻ اگهاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي آهي، ٻنيءَ مان ليٽڻ چورائي، ان کي پاسي واريءَ ڏهر ۾ اچلائيندیون آهن. ان کان، پوءِ اهي ان جي ٻنهي ڪنڊن کان موم ٻتيون پاري هڪ پهر کن تائين ان جي مٽان چڙهي ويهندیون آهن. بعد ۾ اهي ليٽڻ کي پاڻيءَ ۾ چڏي گهر هليون ويندیون آهن. هندستان جي ڪن علاقن ۾ پڻ ساڳئي قسم جو مينهن وسائڻ جو جادو ڪيو ويندو آهي. اڳهاڙيون عورتون رات جو ٻنيءَ ۾ هر گهليندیون آهن، ۽ مرد، احتياط طور، انهن کان دور رهن جي ڪوشش ڪندا آهن، جو انهن جي نظر پوڻ ڪري جادوءَ جو اثر ڪونہ ٿيندو.

ڪڏهن وري مينهن وسائڻ جو جادو مُڙدن وسيلي ٻ ڪيو ويندو آهي. چنانچہ نيوڪئليڊونيا جا "مينهن وسائيندڙ جادوگر" پاڻ کي سڄو ڪارو ڪري، قبرستان ڪنهن مڙدي جو لاش کوٽي، ان کي غار ۾ ڪٽي ويندا هئا، جتي ان جي هڏن کي هڪٻئي سان ڳنڍي جوڙي، ان کي هڪ خاص قسم جي وڻ جي ڇنن مٽان لٽڪائي چڏيندا هئا. ان کان پوءِ ان هڏن جي ڇيري مٽان اهڙيءَ نموني سان پاڻي هاريندا هئا، جو اهو هيٺ وڇايل ڇنن مٽان ڪري. سندن اعتقاد هو تہ ان مڙدي جو روح اهو پاڻي مٿي ڪٽي ويندو، ۽ ان کي مينهن ۾ تبديل ڪري، موڪلائي آڻي زمين تي وسائيندو. هڪ عام روايت مطابق، روس ۾ جيڪڏهن ڪنهن ضلعي جا ڪرمي گهٽي وقت تائين خشڪساليءَ کان تنگ اچي ويندا هئا، تہ ان حالت ۾ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو جنازو کوٽي باهر ڪيندا هئا، جيڪو شراب نوشيءَ جي ڪثرت سبب مري ويو هوندو، ۽ ان کي ويجهڙائيءَ واريءَ ڪنهن ڏنڊ يا گندي پاڻيءَ جي ڪڊ ۾ وجهي ٻوڙيندا هئا. اهڙيءَ طرح، ڪين پختو ويساه هوندو هو تہ پوءِ ضرور مينهن وسندو. سنہ ۱۸۶۸ع ۾ خشڪساليءَ جي طويل عرصي سبب ڏڪار پوڻ جي انديشي ڪري، تاراش چنسڪ ضلعي جي هڪ ڳوٺ وارا ڪنهن راسڪولنيڪ (ڪٻٽولڪ، فرقي جي مخالف) فرقي واري جو لاش قبر مان کوٽي ڪڍي آيا، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل ڊسمبر مهيني ۾ مٿو هو. مجمعي مان ڪن مڙدي جو مٿو، يا جيڪي ٻ ان مان باقي بچيل هو، ڪٽڻ شروع ڪيو، ۽ ڪيس چوندا رهيا تہ "اسان ڪي مينهن ڏي"، ٻيا وري هڪ چاٽيءَ مان ان جي مٿان پاڻي هاري رهيا هئا. چاٽيءَ مان پاڻي وهائڻ صاف طور مينهن جي وسڪاري جو نقل آهي ۽ اسان کي يادگيري ڏياري رهيو آهي تہ ڪيئن نہ ائرسٽوفينس جي داستان ۾ اسٽريپسيئيڈس سمجهيو هو تہ زيوس ديوتا مينهن وسائيندو هو. ڪڍهن وري مينهن حاصل ڪرڻ لاءِ ٿوراجا قبيلي وارا پنهنجن ابن ڏاڏن کي رحم جي درخواست ڪندا آهن. چنانچہ ڪالنگوٽا ڳوٺ ۾ هڪ مشهور سردار جي قبر آهي، جو موجوده سردار جو ڏاڏو آهي. جڏهن ٻ ان ملڪ ۾ بي موسمي خشڪسالي اچي پنهنجو ديرو جمائيندي آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو انهيءَ قبر تي وڃي، مٽائيس پاڻي هاري، هيءَ دعا پڙهندا آهن: "اي ڏاڏا، اسان تي رحم ڪر، جيڪڏهن تنهنجي مرضي آهي تہ هن سال اسين ڪائون، تہ پوءِ اسان کي مينهن ڏي!" ان کان پوءِ هو بانس جو هڪ ڊگهو لڪڙو قبر مٿان لٽڪائيندا آهن، جنهن جي هڪ چيڙي وٽ ننڍو سوراخ ڪيل هوندو آهي، تہ جيئن پاڻي قبر مٿان هڪ هڪ قطرو ٽي مسلسل ڪرندو رهي. پوءِ لڪڙي کي تيسين پاڻيءَ سان ڀريل رکيو ويندو آهي، جيسين مينهن وسي. نيو ڪئليڊونيا واسکر هتي ٻ اسان کي مذهب جادوءَ سان ملهل نظر اچي ٿو، ڇو تہ مرحوم سردار کان دعا پنڻ کي، جا مذهبي نوعيت جي رسم آهي، ان جي قبر مٿان مينهن جي نقل سان ملايو وڃي ٿو، جو جادوءَ جو ٽوٽو آهي. اسين اهو ٻ ڏسي آيا آهيون تہ ڊيلاگوئا ايسمنڊ جي ٻئرونگا قبيلي وارا پنهنجن وڏن ۽ خاص طرح جاڙن پارن، جي قبرن کي مينهن وسائڻ جي جادوءَ طور پاڻيءَ سان آلو ڪندا آهن. اورينوڪو علائقي ۾ رهندڙ ڪاڙهن هندستانين جي ڪن قبيلن ۾ رواج هو تہ اهي پنهنجن مٽ عزيزن کي دفن ڪرڻ کان هڪ سال پوءِ قبرن مان کوڙي ٻاهر ڪڍي، انهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻي، سندن رک هوا ۾ آلائي ڇڏيندا هئا، ڇو ته سندن اعتقاد هو ته اها رک سينهن ۾ تبديل ٿي متائن وسندي، جنهن کي اهو مثل ماٺهو سندن ڪرياڪرم جي عيوض سوکلينڊو آهي. چيائين کي خاطري آهي ته جڏهن انسائن جا لاش بي گوروڪفن رهجي ويندا آهن، تڏهن انهن جي روحن کي سينهن وسڻ وقت ايتري ئي تڪليف محسوس ٿيندي آهي، جيتري هوند جيئرن ماڻهن کي محسوس ٿئي، جيڪي بغير ڪنهن اجهي جي سخت ۽ خطرناڪ آب هوا ۾ رخر و ڪرم تي ٻاهر رهڻ لاءِ مجبور هجن. اهڙا بد بخت روح ان ڪري برسات کي وسڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجن ويهن نڪن جو زور لڳائيندا آهن ۽ بسا اوقات سندن اها ڪوشش ڪامياب ويندي آهي. ان کان ٻوءِ خشڪسالي منهن ڪيڙي ٿي، جنهن کان چيني باشندا ٻين سيني مصيبتن ۽ آفتن جي ٻيٽ ۾ زياده ڊڄندا آهن، ڇو ته خراب فصل، ناداري ۽ قحط ان جي پٺيان پاڻيهي هليا ايندا آهن. ان ڪري خشڪسالي جي موقعن تي چيني اختياري وارن جو اهو عام دستور رهيو آهي ته هو انهي مصيبت کان جان بچائڻ ۽ سينهن کي وسائڻ لاءِ بي گوروڪفن لاشن جي سڪل هڏن کي مقامن ۾ گولي گولي ٻيهر ڏڪائي، دفن ڪرائي ڇڏيندا آهن.

آب هوا جي ٽوڙن ٽيڙن ۾ ورهي جانور به اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. شمالي آسٽريليا جي اٽنوليا قبيلي وارا اتان جي ڊالر برڊ نالي هڪ پکيءَ کي سينهن سان وابستہ سڃيندا آهن، ۽ ان کي سڏيندائي "سينهن جو پکي" آهن. جنهن قبيلي جو قومي نشان اهو پکي هوندو آهي، ان قبيلي جا ماڻهو هڪ خاص چشمي ڏرسان ٻيهي، سينهن وسائي سگهن ٿا. هو هڪ نانگ ڦاسائي، ان کي جيئرو چشمي ۾ اڇلائيندا آهن، جتي ان کي ڪجهه وقت تائين پاڻيءَ اندر جهلي، ٻاهر ڪيڙي ان کي ماري، چشمي جي پاسي ۾ رکندا آهن. ان کان پوءِ هو گاهه مان انڊلٽ جي صورت جي هڪ ڪمان ٺاهي، نانگ جي لاش متان رکندا آهن، ان کان پوءِ ڪين فقط مثل نانگ ۽ نقلي انڊلٽ متان ويهي منتر آلاپڻا هوندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کان ٿورو يا گهٽو وقت پوءِ سينهن ضرور وسندو. انهيءَ رسم جي اهي ماٺهو هيءَ سمجهاڻي ڏيندا آهن ته گهٽو زمانو اڳ، ڪنهن ڊالر برڊ جو هڪ نانگ سنگٽي هو، جو انهيءَ چشمي ۾ رهندو هو ۽ آسمان طرف چشمي جو پاڻي وات سان ٿوڪاري سينهن وسائيندو هو، ۽ جيستائين آسمان ۾ ڪڪر گڏ ٿيندا هئا، انڊلٽ ظاهر ٿيندي هئي ۽ سينهن وسندو هو، تيستائين هو پاڻي ڦرڪارينڊو رهندو هو. پڻ ويا ۾ انهيءَ ساڳئي مقصد لاءِ اڄا تائين پارن کي ڏڻو ويندو آهي ته ٻلين کي ولهو ٻيا گهليندا آهن، ۽ انهن کي پاڻيءَ جي حوض ۾ غوطا ڏياري ڏياري مس مس چڏيندا آهن.

مشرقي آفريڪا جي واسوءِگو قبيلي وارن جو جادوگر جڏهن سينهن وسائڻ چاهيندو آهي، تڏهن هو تيز آس ۾ ڪاريءَ رڍ ۽ ڪاري ڳابي کي قبيلي جي اجتماعي جهوپڙيءَ جي ڇت تي رکائيندو آهي، جنهن ۾ هو سيئي گڏ رهندا آهن. ان کان پوءِ هو ٻنهي جانورن جا پيٽ ڦاڙي، سندن آندا اوجهريون ڇڻ ٽي طرفن ڏانهن اڇلائي ۽ ٽيڑي پيڙي چڏيندو آهي. انهيءَ ڪارروائيءَ ڪرڻ کان پوءِ، هو ڪنهن برتن ۾ پاڻي ۽ هڪ قسم جي دوا وجهندو آهي، جيڪڏهن جادو ڪامياب ٿيو هوندو، ته برتن ۾ ٻيل پاڻي جوش کائيندو، ۽ ٽيٽ سينهن وسندو. هوڏانهن وري جڏهن جادوگر کي سينهن بند ڪرڻو هوندو آهي، ته هو جهوپڙيءَ جي اندرئين حصي ۾ هليو ويندو آهي، جتي هو هڪ ڪوزي ۾ هڪ چمڪندڙ پٿر وجهي، ان کي باه تي گرم ڪندو آهي. سينهن حاصل ڪرڻ لاءِ واگوگو قبيلي وارا، پنهنجن وڏن جي قبرن تي وڃي، ڪارا ڪڪريون رڍون ۽ ٻيا ڪارا جانور قربان ڪندا آهن، ۽ مينهوگيءَ جي موسم ۾ سڏن "مينهن وسائيندڙ جادوگر" ڪارا ڪپڙا پائيندو آهي. ماڪابيل قبيلي وارا مينهن وسائڻ لاءِ جيڪو جادو ڪندا آهن، تنهن ۾ هو ڪاري ڏڪي جو رت ۽ پيتو استعمال ڪندا آهن. سوباترا جي هڪ ضلعي ۾ مينهن حاصل ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتان جون عورتون اڏ اگهاڙيون ٽي درياه تي ويندیون آهن ، ۽ پاڻيءَ ۾ گهڙي هڪٻئي کي پاڻي هڻنديون آهن. ڪاريءَ-ٻليءَ کي نهر ۾ اڇلائي، ان کي ڪجهه وقت لاءِ ترڻ ڏنو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ سڀئي عورتون پاڻيءَ ۾ ٽڦ ٽڦ ڪنديون، ان کي ڪناري ڏانهن پڇائيندیون آهن. آسام جا گئرو (*Garoo*) قبيلي وارا خشڪ موسم ۾ ڪنهن اوچي جبل جي چوٽيءَ تي ڪاريءَ بکريءَ جي قرباني ڏيندا آهن. انهن سڀني حالتن ۾، قرباني جي جانور جو رنگ جادوءَ جي ٽوڪي جو لازمي حصو آهي: ڪاري هڻڻ سبب، اهو آسمان کي برسات جي ڪارن ڪڪرن سان ڀري چڏيندو. ساڳيءَ طرح بيچوئانا قبيلي وارا شام جي وقت ڏڳي جي اوجهري سازيندا آهن، جو ته هو چوندا آهن ته "ڪارو دونهون ڪڪرن کي جمع ڪري مينهن آڻيندو". ٽموري قبيلي وارا مينهن لاءِ ڌرتي ماتا کي ڪاري سوئر جي قرباني ڏيندا آهن ، ۽ اس لاءِ سورج ديوتا کي اڇي يا ڳاڙهي سوئر جي بلي ڏيندا آهن. انگلوني قبيلي وارا مينهن لاءِ ڪارو ڏڪڙ قربان ڪندا آهن، ۽ سڀني آب هوا لاءِ اڇو. جپان جي بلند جابلو علائقي ۾ هڪ ضلعو آهي، جنهن ۾ گهٽي عرصي تائين بارش نه پوڻ ڪري، ڳوڻائن جو هڪ گروهه پادريءَ جي زير قيادت، جنهن جي اڳيان هڪ ڪارو ڪتو هلندو آهي، جبل جي آبشار جي منهن ڏانهن ويندو آهي. هڪ مقرر ٽيل جاءِ تي هو ڪتي کي پٿر سان هڏي، ڪيس گولين ۽ تيرن جو نشانو بڻائيندا آهن. جڏهن ان جو رت پاسي ۾ پيل پٿرن تي پوندو آهي، تڏهن ڳوڻائا پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري، نهر جي "بلا-ديوتا" کي اوچي آواز ۾ عرض ڪندا آهن ته هو انهيءَ پاڪ جاءِ کي رت جي پليتيءَ کان صاف ڪرڻ لاءِ هڪدم مينهن جو وسڪارو ڪري. اها رسم قائم ٿي ويئي آهي ته اهڙن موقعن تي قرباني ٿيندڙ جانور جو رنگ، مينهن جي ڪڪرن جي رنگ وانگر، ڪارو هڻڻ گهرجي. پر جيڪڏهن سڀني آب هوا گهرجي، ته ان حالت ۾ جانور جو رنگ بلڪل بي داغ اڇو هڻڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڏرن وغيره جو پاڻيءَ سان گهرو رابطو آهي- انهيءَ سبب، انهن کي "برسات جي سنيالينڌڑ" جي شهرت ڏني ويئي آهي، جنهنڪري انهن کي آسمان مان گهربل مينهن کي ڪشش ڪرڻ جي جادوءِ ۾ پنهنجو خاص ڪردار اڪثر ادا ڪرڻو پوندو آهي. اورينوڪو علائقي جي ڳاڑهن هندستانين جي قبيلن مان ڪي ڏيڏر کي پاڻيءَ جو ديوتا يا مالڪ سمجهندا هئا، ۽ انهيءَ سبب ڪري، هو ان کي مارڻ کان ڊڄندا هئا. بهرحال کين ڏيڏرن کي کنهن برتن هيٺان رکندي ۽ خشڪ موسم ۾ انهن کي لئين سان مار ڏيندي ۽ ڏڪو ويو آهي. جيو وجي ٿو ته آئمارا قبيلي جا ڳاڑها هندستاني مينهن وسائڻ لاءِ ڏيڏرن ۽ پاڻيءَ جي بين جيتن جون تصويرون ڇاپي يا انهن جا بوتا جوڙي، پهاڙن جي چوٽين تي وجي رکندا آهن. برٽش ڪولمبيا جي ٽامپسن قبيلن جا ڳاڑها هندستاني ۽ يورپ جا ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته ڏيڏرن کي مارڻ ڪري مينهن وسندو آهي. هندستان جي سي. پي. پرڳڻي جا اڇوت مينهن وسائڻ واسطي ڏيڏر کي لٽ جي هڪ چيڙي سان ٻڌي، جنهن کي نر جي ساون پنن ۽ ٽارين سان ڏيکيو ويندو آهي، در در تي ڪٽي ويندا آهن ۽ هي گيت ڳائيندا ويندا آهن:

"جلد موڪل اي ڏيڏر، پاڻيءَ جي هيري جا ڪٽا،
۽ ٻنيءَ ۾ ٻيلل ڪڪ ۽ جوئر جي فصل کي بچاءِ."

مدراس صوبي جا ڪاپو ۽ ريڊي ذاتين وارا آبادگارن ۽ زميندارن جا ٻ وڏا قبيلا آهن. جڏهن برسات نه پوندي آهي، تڏهن قبيلي جون عورتون ڏيڏر ڦاسائي، ان کي بانس جي ڪالين مان ٺهيل ٽئين چڄ سان جيئرو ٻڌنديون آهن. پوءِ چڄ تي هڪ خاص وڻ جا ساوا پن وچائي، هو در در ويندیون آهن، ۽ ساڳئي وقت هي منتر آلاپيندیون آهن: "مائي ڏيڏرياٽيءَ کي وهنجڻو آهي! اي برسات جا ديوتا، اسان کي انهيءَ لاءِ ٽي ڪجهه پاڻي ڏي!" هوڏانهن ڪاپو قبيلي جون عورتون گهر جي در تي بيهي اهو گيت ڳائيندیون رهنديون آهن، ته هوڏانهن گهر ڏياڻي بيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڏر مٿان پاڻي هاريندي آهي ۽ ڪين خيرات ڏيندي آهي، ڪيس خاطري هوندي آهي تہ ان طرح ڇاڻ ٿا مينهن جا وسڪارا ٿين.

ڪن وقتن تي وري، جڏهن خشڪ موسم تمام گهڻي وٺ تائين هلندي آهي، تڏهن ماڻهو نقالي جا ٻوڙ جي دستوري ڪواس ڪي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ ڪاوڙ ۾ پرجي آزين نيزارين ۽ دعائن تي وقت وڃائڻ جي بدران، هو انهن فوق‌الفطري طاقتن ڪان ڊمڪين، ڊڙڪن ۽ ڪن وقتن تي جسماني زور زبردستيءَ سان آسماني پاڻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جنهن ڪري، انهن جي قول مطابق، انهن هستين ’مٿي آسمان تي منهن وڻان ٿي بند ڪري ڇڏيو آهي‘. جهان جي هڪ ڪوٽ ۾، جڏهن ڪوٽ جو محافظ ديوتا گهڻي وقت تائين سندن مينهن وسائڻ جي دعائن تي ڪن لاتار ڪندو رهيو، تڏهن انهن هن جو مجسمو پنهنجيءَ اوچيءَ جاءَ تان هيٺ لاهي، بد دعائن ۽ زوردار قت لعنتن سان ان ڪي ڪٽي ساهون واريءَ سارين جي ٻنيءَ جي بدبودار پاڻيءَ ۾ اونڌو ڪري ڦٽو ڪيو. "وڃ،" هنن چيو، "وڃي لٿي ڪجهه وقت پئو، ۽ پاڻ ڏس تہ ننڍڻ اس ۾ ڪورن ڏينهن تائين سڙڻ کان پوءِ، جا اسان جي سکي ڪوٽ ٿي ويل ٻنين جو ساهه نپوڙي رهي آهي، تون پاڻ ڪيئن ٿو محسوس ڪرين!" ساڳين حالتن ۾ سينيگمبيا جا فيلانوپ قبيلي وارا پنهنجن ٻيجان معبودن ڪي سندن تان لاهي هيٺ ڦٽو ڪندا آهن، ۽ جيسين مينهن نہ وسندو آهي، تيسين کين بد دعائون ڏيندا، نوڙين ۾ ٻڌيو ٻنين مان گهليندا وٽيندا آهن.

چيني باشندا ديوتائن جي سلطنت تي زوريءَ قبضي ڪرڻ جي هنر ۾ ڏاڍا ماهر ٿيندا آهن. چانجہ جڏهن مينهن جي ضرورت هوندي اٿن، تڏهن هو ڪاغذ يا ڪاٺ مان هڪ وڏي ٻلا ٺاهيندا آهن، جا مينهن جي‌ديوتا جو مظهر هوندي آهي، ۽ ان ڪي جلوس جي صورت ۾ گهمائيندا آهن، پر جيڪڏهن مينهن نہ وسندو آهي، تہ ان نقلي بلا ڪي بد شڪل ڪالهائي، ڪيس ڦاڙي چيري، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو آهي. ٻين وقتن ٿي جيڪڏهن ديوتا مينهن نہ وسائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، تہ هو ان کي ڏسڪائيندا، ڏيڪاريندا ۽ سار ڪيندا آهن، ڪڏهن تہ ان کي ديوتا جي منصب تان لاهي چڏڻ جو عام اعلان ڪندا آهن. پر جيڪڏهن مينهن وسندو آهي، تہ ديوتا کي شاهي فرمان ذريعي ان کان ۽ اعليٰ رتبي تي فائز ڪيو ويندو آهي. اپريل ۱۸۸۸ع ۾ ڪشن جي ٻاون لينگ ونگ ديوتا کي مسلسل مينهن جي وسڪارن کي بند ڪرڻ لاءِ دعا ڪئي، ۽ هن جڏهن سڏڻ درخواست تي ڪوبہ ڏيان ڪونہ ڏنو، تڏهن انهن کيس پنجن ڏينهن تائين لاکپ ۾ ڪٹي وڌو. ان جو نتيجو نهايت ستو نڪتو. برسات بند ٿي ويئي ۽ ديوتا کي وري آزادي بخشي ويئي. ڪجهہ سال اڳ، خشڪ موسم سبب، انهيءَ سا ڪئي ديوتا کي زنجيرن ۾ جڪڙي، سندس مندر جي ڪليل حاطي ۾ رکيو ويو هو. تہ جيئن کيس برسات وسائڻ جي فوري ضرورت جو احساس ٿئي. سا ڪيءَ طرح جڏهن سيام وارن کي مينهن جي ضرورت پوندي آهي، تڏهن اهي ٻ پنهنجن بتن کي ساڻيندڙ اس ۾ ڪٹي رکندا آهن، پر جيڪڏهن هو برسات کان تنگ اچي، خوشڪ موسم جي آرزو ڪندا آهن، تہ ان صورت ۾ مندرن جون چتيون لاهي چڏيندا آهن ۽ مينهن جي وسندڙ پاڻيءَ کي مندر ۾ ڪرڻ ڏيندا آهن. هو سمجهندا آهن، تہ ديوتائن کي تڪليف ۾ مبتلا ڪري هو کين سندن تمنائن ۽ دعائن قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا.

مشرق بعيد جي ماڻهن جي آب هوا جي اهڙيءَ جاڻ تي پڙهندڙن کي شايد ڪل اچي، پر مينهن حاصل ڪرڻ جي سا ڪئي ئي طريقي تي خود اسان جي زماني ۾ عيسائي يورپ اندر بہ عمل ڪيو ويو آهي. سنہ ۱۸۹۳ع جي اپريل جي آخر ڌاري، سسليءَ جي جزيري، ۾ پاڻيءَ جي قلت سبب ماڻهن ۾ عام غمگيني چانيل هئي. جهن مهينن کان وٹي برسات ڪانہ پيئي هئي. هر روز سج اپرندو هو ۽ شام جو صاف ۽ نيلي آسمان ۾ غروب ٿي ويندو هو. ڪونڪاڏي اوڙو جا سرسبز باغ، جيڪي پالرمو کي ميائي رنگ جي ڪمربٹي وانگر ويڙهيو پيا آهن، سڪڻ سڙڻ لڳا. ڪاڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ٹيون نايات ٿيڻ لڳيون ۽ ماڻهن ۾ زبردست هراس چانيل هو. مينهن وسائڻ جون سيٽي جائز ترڪيبون آزمايون ويون، پر ڪوبه خاطرخواه نتيجو ڪونه نڪتو. ماڻهن جا جلوس پٽيان جلوس گهٽيون ۽ ٻنيون لٽاڙي لٽاڙي ٽڪجي پيا هٽا. سرد زالون ۽ ٻار ٽڻيون سڃيون راتيون مقدس مجسمن اڳيان تسبيحون ڦيري ڦيري تنگ ٿي ويا. ديولين جون پاڪ شمعون رات ڏينهن برنديون زهيون. "پام-سنڊي" ڏينهن دم ڪيل کجور جون ٽاريون ٻ وٽن ۾ ٻڌيون ويون. سولا پاروٽا ۾ ڪ تمام پراڻيءَ رسم مطابق، "پام سنڊي" ڏينهن ديولين مان ميڙيل ٽڻي ٻنين ۾ ڇڪاري ويئي. رواجي سالن ۾ ديولين مان ميڙيل اها مقدس ٽڻي فصلن کي محفوظ رکندي آهي، پر يقين ڪريو ته ان سال انهيءَ ٽڻيءَ جو به ڪو اثر ڪونه ٿيو. نڪوسيا جي شهرواسين ٽڻي ۽ پيرين اڳهاڙا ٿي، صليبن کي ڪلهن تي کڻي شهر جي هرهڪ محلي ۾ ڦيرايو. ۽ هڪڙي کي لوهه جي لٽين سان ماروڻ ڪيائون، پر سڀ بيڪار. خود پائولو وارو عظيم ديوتا، سينٽ فرانسس، جو هرسال مينهن جي معجزو ڏيکارينڊو آهي ۽ جنهن کي هرسال موسم بهار ۾ شهر جي ٻاڦيچن ۾ ڦيرايو ويندو آهي، ان سال، يا ته ڪجهه ٻ ڪرڻ ڪان قاصر رهيو، يا وري سندن مدد ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿيو. اجتماعي عبادتون، دعائون، موسيقيءَ جي محفلون، چراغان ۽ آتشبازيون ان تي ڪوبه اثر پيدا ڪونه ڪيو. آخرڪار ڪرٽين جي صبر جو پيمانو لبريز ٿيڻ لڳو. اڪثر ديوتائن کي جلاوطن ڪيو ويو. پالرمو ۾ سينٽ جوزف کي باغ ۾ اڇلايو ويو ته حالات جو بذات خود اتي پهچي جائزو وٺي ـ قسم کنيائون ته جيسين مينهن نه وسندو، تيسين پٺي اهو اتي پير نه سگهي ۽ سڙي. بين ديوتائن جي بتن جا منهن، شرير چوڪرن وانگر، ڦيرائي ديوار ڏانهن ڪيا ويا. ڪن بين ديوتائن جون قيمتي ۽ خوبصورت پوشاڪون لاهي کين اگهاڙو ڪيو ويو. ۽ کين پنهنجن سرحدن کان دور جلاوطن ڪري، ڏنڪايو ۽ بيعزت ڪيو ويو. ۽ گهوڙن جي پاڻيءَ پيئڻ جي ڪونڊ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچلايو ويو. ڪالڊانيسيئا وٽ عظيم فرشتي سينٽ ميڪائيل جا سونا ۾ ڪلهن وڌان ڪوهي، انهن جي بجاءِ ڪيس دفتريءَ جا ۾ هنيا ويا. سندس جسم تان قرمزي جبو لاهي، ان جي بدران ڪيس ٽلهي ۽ ڪهري ڪپڑي جو ڪوڙو پارايو ويو. ليڪيئا وٽ، اتان جي محافظ ديوتا، سينٽ اينگليو، سان ۾ ڪا گهٽ تعدي ڪانه ڪئي ويئي، چو ته ان کي بلڪل اگهاڙو ڪيو ويو، ڪيس بدشڪل ڪالهايو ويو، زنجيرن ۾ جڪڑيو ويو ۽ ڪيس پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ ۽ ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ جون ڏهڪيون ٻ ڏنيون ويون. غصي ۾ پريل ماٿو، سندس منهن ۾ ڪون هڻي، گرجدار آواز ۾ چوندا رهيس: "مينهن ڏي، نه ته ڦاسي قبول ڪر!"

ڪڏهن ڪڏهن ديوتائن جي جذبهٔ رحم کي للڪاريو ۽ اپاريو ويندو آهي. زلو قبيلي وارن جو اناج جڏهن سڪن سڙڻ شروع ڪندو آهي، تڏهن اهي آسمان ۾ "جنتي پکيءَ" جي ڪولا ڪري، ان کي ماري تلاءَ ۾ ڦٽو ڪندا آهن. ان ڪان پوءِ آسمان پکيءَ جي موت سبب نرم ٿي پگهرجي پوندو آهي، "مينهن وسائي ۽ ماتمي مرثيا ڳائي، هو ان لاءِ 'سڙڻ' ڪندو آهي". زلولئنڊ ۾ اتان جون عورتون ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ٻارن کي ڪچيءَ تائين زمين ۾ دفن ڪري، ٿوريءَ دوريءَ تي ويهي گهٽيءَ دير تائين غمگين آواز ۾ اوناڻيندڙيون آهن. آسمان انهيءَ قابل رحم نظاري کي ڏسي نرم ٿي پوندو آهي. ان ڪان پوءِ، عورتون ٻارن کي کوڙي ٻاهر ڪڍندڙيون آهن ۽ چون ٿيون، "تو ڪين خاطري ٿيندي آهي ته اجهو ٿو مينهن وسي. هو چوندڙيون آهن ته هو "مٿان واري مالڪ" کي پڪارين ٿيون ۽ ڪيس. مينهن موڪلڻ جي درخواست ٿيون ڪن. مينهن وسندو آهي ته چوندڙيون آهن: "'اوسونڊو' وسي ٿو". ٽينيريف جا گانچي قبيلي وارا پنهنجين رڍن جي ڏڻ کي مقدس ميدان ڏانهن ڪاهي ويندا هئا، جتي انهن کي سندن قرن ڪان جدا ڪندا هئا، ته جيئن رڍن جي دردناڪ "بي بي" مينهن جي ديوتا جي دل ۾ ڀائيڙي ڪري وڃهي. ڪمائون علاقي وارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن کي بند ڪرڻ لاءِ ڪتي جي ڪن ۾ گرم تيل وجهندا آهن.
ويجارو جانور درد کان دانهون ڪندو آهي ۽ ان جو اوناڻ اندر
ديوتا ٻڌي، ڪتي جي حالت تي رحم کائي، برسات بند ڪندو
آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٽوراجا قبيلي وارا ڏهن نموني مينهن حاصل
ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن: ڪن ٻوڙن جا ٻيجا پاڻيءَ ۾
وجهي، انهن کي چوندا آهن، "وجو، مينهن لاءِ وجي عرض ڪريو،
جيسين مينهن نه وسندو، تيسين اسين توهان کي وري نه ٻوڪينداسين
- اتي ئي پيا سڪندئو سڙندئو." ازانسواءِ هو تازي پاڻيءَ مان
ڪجهه ڪميون ڦاسائي، انهن کي وڻ تي لٽڪائي، ٻري کان ٻيهي
چوندا آهن: "وجو، مينهن لاءِ وجي عرض ڪريو ۽ جيسين مينهن
نه پوندو، تيسين اسين توهان کي وري پاڻي اڪٺين نه ڏيڪارينداسين".
ٻوءِ ڪميون روئنديون آهن ۽ ديوتائون انهن جي حال تي رحم
کائي مينهن موڪلينداآهن. بهرحال، اهي رسمون جادوءَ جون
نه، پر مذهبي نوعيت جون آهن، جو تہ انهن ۾ بالاتر قوتن جي
رحم جي جذبي کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

ٻيا اوقات پٽرن ۾ ٻ مينهن وسائڻ جي خوبي سمجهي ويندي
آهي، بشرطيڪ انهن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو وڃي، يا مٿائٽن پاڻي
ڇڙڪيو وڃي، يا مٽن ٻيو ڪو اهڙو موزون عمل ڪيو وڃي.
ساڳيا علائقي ۾ هڪ خاص پٽر کي مينهن وسائيندڙ ديوتا جو
نمائندو سمجهي، احتياط سان رکيو ويندو هو، ۽ خشڪساليءَ جي
موقعن تي ان جا پوجاري ان پٽر جو جلوس ڪيندا هئا، ۽ نهر
جي پاڻيءَ ۾ نيئي غوطا ڏيندا هئس. نيو سائوٿ ويلس جي ٽالائي
قبيلي وارن جو "مينهن وسائيندڙ جادوگر" بلور جو ننڍو ٽڪر پڃي،
وات سان آسمان طرف اڇلائيندو آهي، ۽ ان جي باقي ٻئي وڏي
ٽڪر کي "ايمو" نالي پکيءَ جي ڪنين ۾ ويڙهي، پنهي کي پاڻيءَ
سان چگيءَ طرح آلو ڪري، انهن کي ڪنهن پوشيده جاءِ تي حفاظت
سان لڪائي رکندو آهي. نيو سائوٿ ويلس جي ڪيرئمن قبيلي
وارن جو جادوگر جابلو نهر جي منهن وٽ وڃي، ڪنهن گول ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لسبي پٿر مٿان پاڻي هاري، ان کي ڏسي لڪائي ڇڏيندو آهي.
شمال مغربي آسٽريليا جي ڪن قبيلن جو جادوگر مقدس سيدان ڏانهن
اڪيلو ويندو آهي، جو مٽينهن وسائن لاءِ مخصوص ڪيل هوندو آهي.
اتي پهچي، هو پٿرن يا زيتيءَ جو ڏير لاهيندو آهي، ۽ ان جي
مٿان پنهنجو جادوءَ جو پٿر رکي، ان جي چوڌاري ڪلاڪن تائين منتر
آلاپيندو ڦرندو يا نچندو رهندو آهي. تان جو جسماني ٿڪاوٽ
سبب مجبور ٿي آخر ان کي اڌ ڪاروائي بند ڪرڻي پوندي آهي...
جنهن کان پوءِ وري ان جو نائب سندس جاءِ وٺندو آهي. پٿر
مٿان پاڻي ڇڙڪايو ويندو آهي، ۽ ٻاهه جا وڏا مڇ هاريا ويندا
آهن. انهيءَ رازدارانه رسم جي ادائگيءَ جي دوران ۾ ڪنهن
به عام ماڻهوءَ کي انهيءَ مقدس مقام جي نزديڪ وڃڻ جي اجازت
ڪانه هوندي آهي. نيو برٽن جي سلڪا قوم وارن کي جڏهن
مينهن حاصل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي، تڏهن اهي ڪن
خاص ميون جي رک سان پٿر ڪاڙا ڪري، انهن کي ڪن ٻين
پوڙن ۽ گلن جي مڪڙين سميت ٻاهر آس ۾ رکي ڇڏيندا آهن.
ان کان پوءِ وٺن جي ڪڇڙين ڪارين جي هڪ مٽ پاڻيءَ ۾ پوڙي،
ان کي انهن ڪارن پٿرن سان توريو ويندو آهي، ۽ ساڳئي وقت
هڪ منتر پڙهيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ مينهن ضرور وسندو.
منيپور علاقي ۾، ان جي دارالخلافه کان مشرق طرف هڪ اوچيءَ
ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ پٿر پيل آهي، جنهن کي ماڻهن جي
عام خيال موجب 'چنيءَ' سان مشابهت ڏني ويندي آهي. جڏهن
مينهن جي ضرورت پوندي آهي، تڏهن اتان جو راجا ٽڪريءَ هيٺان
وهندڙ چشمي سان پاڻي پري ايندو آهي، ۽ ان پٿر مٿان ڇڙڪائيندو آهي.
جپان ۾ ساڳي وٽ هڪ اهڙو پٿر آهي، جنهن تي پاڻي هارڻ
سان مينهن وسندو آهي. مرڪزي آفريڪا جي واڪونديو نالي
هڪ قبيلي وارن کي جڏهن مينهن جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي،
تڏهن هو "واواسبا" ڏانهن ماڻهو موڪليندا آهن، جي برفاني جبلن
جي دامن ۾ رهندا آهن ۽ "مينهن وسائڻ واري پٿر" جا خوبصورت

مالڪ آهن. معقول معاوضي سان ٻين واوسڀا انهيءَ قيمتي پٿر کي ڏوئي، تيل سان سٽيو ڪري، پاڻيءَ سان پريل هڪ برتن ۾ وجهندا آهن. ان کان پوءِ مجال ناهي جو مينهن نہ وسي! ائريزونا ۽ ميڪسيڪو جي ريگستاني علائقن جا اپاچي قبيلي وارا مينهن وسائڻ لاءِ هڪ خاص چشمي جو پاڻي ڪٽي جبل جي اوچي چوٽيءَ جي هڪ مخصوص جاءَ تي وڃي هاريندا هئا. ان کان پوءِ هو سمجهندا هئا تہ ڪجهہ ئي ڪلاڪ ٿيندا ۽ مينهن وسندو.

انهيءَ قسم جون رسمون رڳو آفريڪا ۽ ايشيا جي ٻين ۽ جهنگلي علائقن يا آسٽريليا ۽ نئين دنيا (آمريڪا) جي بي آب و گياه بيابانن ۾ ئي مخصوص ڪونہ آهن، پر انهن تي يورپ جي ٽڙيءَ هوا ۽ بادلن پريل ڏندڻ آسمانن هيٺان به عمل ڪيو ويو آهي. "بروسيلياندِ جي گهاڻن ٻين" ۾ بٿرينٽن تالي هڪ چشمو آهي، جتي، جيڪڏهن ڏندڪٿائن تي يقين ڪجي، "مرلن" جادوگر اڃا تائين جادوءَ جي زير اثر گلن جي هڪ ٻوٽي جي ڇانوَ ۾ ستل آهي. برينٽن جي ڪڙمين کي جڏهن مينهن گهربو هو، تڏهن اهي اوڏانهن ويندا هئا. چشمي مان ٿورو پاڻي چل ۾ ڪٽي، چشمي جي پرسان پيل پٿر جي لسيءَ سر تي وڃي هاريندا هئا. سنوڊن ۾ ديولن يا بلڪ ليڪ نالي هڪ ويران ڏنڊ آهي، جا "بلند ۽ خطرناڪ جبلن جي چوٽين جي وچ ۾ هڪ سنسان ۽ غير آباد وادي" ۾ واقع آهي." ڏنڊ جي ڪناري تائين پٿر جي ڏاڪن جو هڪ سلسلو آهي، جن تي قدم رکي جيڪڏهن کو سيني کان ٻرئين پٿر تي، جنهن کي "سرخ قربانگاه" سڏيو ويندو آهي، پاڻي اڇلائيندو، تہ "اتفاق هڪ ٻي ڳالهہ آهي، باقي گرم موسم هجڻ جي باوجود، رات اڇڻ کان اڳ مينهن ضرور وسندو". انهن حالتن مان هي امڪان معلوم ٿئي ٿو تہ سامونڊا وانگر، هتي به پٿر کي ذري گهٽ ڪرامتي چيز سمجهيو وڃي ٿو. هيءَ ڳالهہ انهيءَ رسم مان ظاهر ٿئي ٿي، جنهن مطابق مينهن وسائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن بٿرينٽن جي چشمي ۾ صليب پوڙي ويندي آهي، چو تہ هيءَ ڳالهہ واضح آهي تہ پٿر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوڙڻ جي قديم بت پرستيءَ جي رواج جو اهو هڪ عيسائي نعم‌البدل آهي. فرانس ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اهو رواج آهي، يا ٿورو ئي عرصو اڳ هوندو هو، تہ ڪنهن ديوتا جي مجسمي کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڏيارڻ سينهن وسائڻ جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. چنانچہ ڪومنگنيءَ جي قديم مڙهيءَ وٽ سينٽ جروائس جو چشمو آهي، جتان اتان جا باشندا، پنهنجن فصلن جي ضرورت مطابق، سينهن يا موافق آب هوا وٺڻ لاءِ جلوس جي صورت ۾ ويندا آهن. خشڪ موسم ۾، اهي مڙهيءَ جي هڪ جاري مان، جتان انهيءَ مقدس چشمي جو منهن نڪري ٿو، پٿر مان ٺهيل ڪنهن ديوتا جو قديم بت ڪٽي چشمي جي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. ڪاوبرايرس ۽ ڪارپينٽراس علائقن ۾ علي‌الترتيب سينٽ پونس ۽ سينٽ جينس جي مجسمن سان بلڪل ساڳئي قسم جي رسم ادا ڪئي ويندي هئي. ناويئر جي ڪيترن ڳوٺن ۾ سينٽ پيٽر کي سينهن لاءِ دعائون ڪيون ويندیون هيون ۽ پنهنجن دعائن کي مؤثر ۽ زود اثر ڪرڻ لاءِ ٻوٽاٽا ديوتا جو، مجسمي کي جلوس جي صورت ۾ درياه تي ڪٽي ويندا هئا، جتي ڪيس ٿي دفعا پنهنجي ارادي تي نظر ثاني ڪري سندن دعائن مستجاب ڪرڻ ۽ سينهن وسائڻ لاءِ تاڪيد ڪندا هئا، پر جيڪڏهن هو اڃا بہ پنهنجي ضد تي اڙيو رهندو هو، تہ پوءِ پادريءَ جي احتجاجن جي باوجود، جو ڪين صدق ۽ سچائيءَ سان بيٺو تلقين ڪندو هو تہ مجسمي کي ٿوريءَ ڪهٽيءَ ۽ سڏيءَ سادي‌ءَ هدايت ڪرڻ سان بہ ساڳيو ئي فائديمند نتيجو نڪرندو، هو سندس ڳالهہ کي پڌو اڻ پڌو ڪري، ديوتا کي پاڻيءَ ۾ ٻيهي غوطا کارائيندا هئا. ان کان پوءِ چوويهن ڪلاڪن اندر سينهن وسڻ جي خاطري هوندي هئي. مقدس مجسمن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي سينهن وسائڻ جي هڪ هٿي فقط ڪٿولڪ فرقي وارن ملڪن وٽ ئي مخصوص ڪانہ آهي. سنگريليا ۾، جڏهن سينهن نہ وسڻ ڪري فصل تباهہ ٿيندا آهن، تڏهن اتان جا ساڌو هڪ خاص مقدس مجسمي کي سينهن وسڻ تائين روزانو پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا آهن. مشرق بعيد ۾ جڏهن چانورن جو فصل خشڪيءَ
کان سڪي لڪندو آهي، تڏهن اتان جا "شان" قوم وارا 'ٻڌ' جي
مجسمن کي پاڻيءَ ۾ پڄائيندا آهن. انهن سيني حالتن ۾ اها
رسم بنيادي طور هم آهنگ جا وءَ جو هڪ جنتر آهي، باوجود ان
جي جو ان کي سزا يا ڏڪيءَ جو ظاهري لباس چاڙهيو ويو آهي.

هين قومن وانگر قديم رومي ۽ يوناني ۽ مينهن حاصل ڪرڻ
لاءِ عبادتن ۽ جلوسن جي ناڪام ۽ بي اثر ثابت ٿيڻ کان پوءِ
جادوءَ کان ڪم ولندا هئا. مثال طور آرڪيديا ۾ جڏهن اناج
۽ وڻ خشڪيءَ کان سوڪ کائڻ شروع ڪندا هئا، تڏهن زيوس
جو پوجاري لائڪايس جبل جي هڪ چشمي ۾ شاه بلوط جي وڻ
جي هڪ شاخ هوڙيندو هو. پاڻيءَ ۾ اهڙيءَ طرح هيجان پيدا
ٿيڻ ڪري، ان مان ماڪ پيدا ٿيندي هئي، جنهن مان جلد ئي
زمين تي مينهن وسندو هو! نيوگائنا وٽ، هلماهرا ۾، جيئن مٽي
ڏسي آيا آهيون، مينهن وسائڻ لاءِ ساڳئي قسم جي رسم ادا ڪئي
ويندي آهي. ٽسليءَ ۾ ڪرٽنان جي ماڻهن وٽ ڪنجهي جو هڪ
رٽ هو، جنهن کي انهن مندر ۾ رکيو هو. انهن کي جڏهن به
مينهن جي ضرورت پوندي هئي، تڏهن بيهي ان رٽ کي ڏوڏيندا هئا،
تہ مينهن وسندو هو. ممڪن آهي تہ رٽ جي ڏوڏڻ مان گجگوڙ
جي نقل ڪرڻ جو مقصد هوندو هوندو. اسان اڳيئي ڏسي آيا آهيون
تہ روس ۽ جپان ۾ نقلي گجگوڙ ۽ وڄ مينهن وسائڻ جي جادوءَ
جا اهم حصا آهن. ڏنڊڪٽائن وارو سئلمونيس، ايلس جو بادشاهه،
پنهنجي رٽ پٽيان هڏل ڪنجهي جي ڪيٽلين کي گهلي يا ڪنجهي
جي پل مٹان رٽ هلائي، نقلي گجگوڙ پيدا ڪندو هو. ۽ وڄ جي
نقل ڪرڻ لاءِ برندڙ بندين مٽي آسمان ۾ اڇلائيندو هو. ائين
ڪرڻ سان سندس ڪافرانہ ارادو زيوس ديوتا جي "گجندڙ ڪاڍيءَ"
جي نقل ڪرڻ جو هو، جڏهن اها آسماني گنبذ مٹان هلندي
هئي. درحقيقت هن اعلان ڪيو هو تہ هو سچ پچ خود زيوس
ديوتا هو ۽ ان حيثيت ۾ هن پنهنجي نالي ۾ قربانيون ۽ ڪرايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. روم جي شهر پناه ۾اران، سريخ ديوتا جي مندر وٽ، هڪ پٿر رکيل هوندو هو، جنهن کي "لاپس مانالس" چيو ويندو هو. خشڪ موسم جي وقت ان کي روم ڏانهن گهليو ويندو هو، چو ته اڻين ڪرڻ سان يقين سمجهيو ويندو هو ته مينهن ضرور وسندو.

۳. جادوءَ ذريعي سچ ڏي قبضو: جهڙي نموني جادوگر سمجهي ٿو ته هو مينهن وسائي سگهي ٿو، تهڙي نموني هو ان وهم ۾ به مبتلا رهي ٿو ته هو سچ کي روشن ڪري سگهي ٿو، يا ان جي غروب ٿيڻ ۾ عجلت يا آهستگي آڻي سگهي ٿو. گرهڻ وقت اوجيبوي قبيلي وارا ڳاڙها هنڌستاني سمجهندا هئا ته سچ کي ڪوئي وسائي رهيو آهي، جنهنڪري هو تيرن جي منهن ۾ ٻاه جا آلا ٻاري، آسمان ڏانهن اڇلائيندا هئا ته سچ جي وساميندڙ ٻاه وري ٻري ٻوي. پيرو ملڪ جا سينسي قبيلي وارا به گرهڻ وقت سچ ڏانهن پرندڙ تير اڇلائيندا هئا، ۽ اهي سچ جي گل ٿيندڙ چراغ کي وري روشن ڪرڻ لاءِ نئين ۽ پر ڪنهن اهڙي خطرناڪ جانور کي پڃاڻ لاءِ اهو ڪم ڪندا هئا، جنهن سان، سندن خيال مطابق، سچ ان وقت برسر پيڪار هو. برعڪس ان جي، اورينوڪو جي قبيلي وارا چنڊ گرهڻ وقت، پرندڙ تانڊا زمين ۾ دفن ڪندا هئا، چو ته سندن خيال هو ته جيڪڏهن چنڊ وسامي ويو، ته ان سان گڏ دنيا ۾ جيڪي به ٻاهيون ٻٽي پريون، سي وسامي ويندڙون، سواءِ ان ٻاه جي، جيڪا چنڊ جي نظرن کان لڪائي ويٽي هجي. ڪامنچاتڪان قبيلي وارا سچ گرهڻ وقت پنهنجن جهوپڙين مان ٻاه ٻاهر ڪڍي ايندا هئا ۽ سچ کي هميشه وانگر چمڪڻ لاءِ دعا ڪندا هئا. پر سندن سچ جي پرارٿنا ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو جادوءَ جو ٽوٽو ناهي، پر مذهبي رسم آهي. ٻئي طرف چلڪوٽين قبيلي جا ڳاڙها هنڌستاني ساڳين موقعن تي جيڪا رسم ادا ڪندا آهن، تنهن جي نوعيت خالص جادوءَ جي آهي. مرد ۽ زالون پنهنجا ڪپڙا اهڙي نموني سان ڪُنجي (جڏ ته هو ڪنهن سفر تي روانا ٿيڻ وارا هئا) ۽ لئين تي ليڪ ڏيئي (جڏ ته سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلون ٿي ڪو ڳرو وزن رکيل هو)، ايتري وقت تائين گول چڪر ۾ ڦرندا رهندا هئا، جيستائين گرهڻ ختم ٿيندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ طرح هوسج جي ٽڪجي پيل قدمن کي سندس گردش جي دوران ۾ سهاري ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ساڳيءَ طرح، قديم مصر جو بادشاهه، سورج ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾، انهيءَ خاطريءَ ڪرڻ لاءِ ته سج، گرهڻ يا ٻئي ڪنهن به حادثي جي رڪاوٽ پوڻ کان سواءِ، پنهنجي روزاني گردش آسمان ۾ پوري ڪندو رهي، مندر جي ديوارين جي چوگرد نهايت سنجيدگيءَ سان هر روز طواف ڪندو هو. موسم خزان ۾، ڏينهن رات جي برابريءَ کان پوءِ، قديم مصري هڪ تقريب منعقد ڪندا هئا، جنهن کي "سورج ديوتا جي گهوڙي جي لٽ جو جنم" سڏيندا هئا، چو ته انهيءَ موسم ۾ جيئن جيئن سج آسمان ۾ هيٺ لڙندو ويندو هو ۽ ان جي تپش ۽ روشنائي ڪم ٿيندي ويندي هئي، تيئن ان کي لٽ تي ٽيڪ ڏيڻ جي ضرورت سمجهي ويندي هئي. نيوڪليڊونيا جي جادوگر جو جڏهن خيال ٿيندو آهي ته اس نڪري، تڏهن هو ڪجهه پوڻا ۽ مرجان جا پٿر ڪٽي پنهنجن ابن ڏاڏن جي قبرستان ۾ ويندو آهي، جتي هو انهن ۾ پنهنجي خاندان جي ڪنهن جيئري پار جي وارن جون به چڳون ۽ پنهنجي ڪنهن مٽ ابي ڏاڏي جا ٻه ڏند يا سڄي ڇاڙي انهن سان گڏ رکي، منجهائڻ هڪ بنڊل تيار ڪندو آهي. ان کان پوءِ هو اڏڻي جبل تي چڙهي ويندو آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي اپرندڙ سج جا پهريان ڪرڻا پوندا آهن. اتي پهچي، هو ڪنهن هموار ۽ لسي پٿر تي ٽن مختلف قسمن جا پوڻا ۽ سڪل مرجان جي تڙ رکندو آهي ۽ جادوءَ جي ان بنڊل کي پٿر جي مٿان لٽڪائيندو آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هو وري اتي ويندو آهي، ۽ جنهن وقت سج سمنڊ مان منهن ڪيندو آهي، عين انهيءَ وقت هو جادوءَ واري بنڊل کي ٻاهه ڏيندو آهي. جيئن دونهون وکڙ ڪائيندو مٿي چڙهندو آهي، تيئن هو خشڪ مرجان واريءَ تڙ کي پٿر سان گهندو آهي ۽ پنهنجن وڏن کي پڪاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ دعا پنندو آهي: "اي سورج ديوتا! آءٌ هيءَ ڪارروائي ان ڪري ٿو ڪريان ته تون زور سان پري، گرمي پيدا ڪرين، ۽ آسمان جي سيني ڪرن کي ڪائي وڃين!" سج غروب ٿيڻ وقت به ساڳي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. نيو ڪئليڊونيا جا باشندا ٽالهيءَ جهڙي گول پٿر کي وچ تي سوراخ ڪري، ان جي مدد سان خشڪ موسم ۾ پيدا ڪندا آهن. سج اپرڻ وقت انهن جو جادوگر اهو پٿر هٿ ۾ جهلي، ان جي سوراخ مان پرندڙ ڪالي آرپار لنگهائي، هيئن چوندو آهي: "آءٌ سج کي ان لاءِ ياري ڏهيو آهيان ته اهو آسمان جي سيني ڪرن کي ڪائي وڃي، ۽ اسمان جي زمين کي اهڙو خشڪ ڪري، جو ان مان ڪا به شيءِ پيدا نه ٿئي." پٿنڪس پيٽن جا رهاڪو "مصنوعي سج" ذريعي آس ڪيندا آهن. هڪ بلڪل گول پٿر ڪٽي، جنهن کي "وات لوٽا" يا "سورج پٿر" سڏيندا آهن، ان جي چوڌاري سرخ رنگ جي چولي ويڙهي، ان جي سيني ۾ ڪن ڪاوڙ جا ڪنب اٽڪائيندا آهن، جن مان سج جي ڪرڻن جي سراد هوندي آهي. انهيءَ دوران ۾، هو آهستي آهستي ڪو موزون منتر پڙهندا آهن، ۽ آخر ۾ مقدس جاءِ تي وڃي، انهيءَ مصنوعي سج کي ڪنهن اوچي وڻ جي چوليءَ تي لٽڪائيندا آهن.

برهمڻ سوير صبح جو جيڪا پوجا ڪندو آهي، تنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهائي سج کي اپارينديءَ آهي. ۽ اسان کي بڌايو ويو آهي ته "يقيناً جيڪڏهن هو اها پوجا نه ڪري، ته سج هوند ڪونه اپري." ميڪسيڪو جا قديم باشندا سج کي تمام قوت حيات جو سرچشمو سمجهندا هئا، جنهنڪري انهن کيس "اپال نيموهائي" جو نالو ڏنو هو، جنهن جي معنيٰ هئي "اهو جنهن جي طفيل ساڻهو جيئرا رهن ٿا." پر جيڪڏهن هو دنيا کي زندگي بخشيندو هو، ته ڪيس ۾ ان کان زندگي حاصل ڪرڻ جي ضرورت هئي، ۽ جيئن ته دل ئي زندگيءَ ۽ قوت حيات جي جاءِ آهي، ان ڪري سج کي قوتمند رکڻ ۽ آسماني سفر سرانجام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ جانورن ۽ مائڻن جون رت ۾ ٻڌل تاڙيون دليون، پيش ڪيون ويندڙون هيون. چنانچہ ميڪسيڪو جا باشندا سج کي جيڪي قربانيون ڏيندا هئا، تن جي نوعيت مذهبي نہ، پر جادوءَ جي هئي، چو تہ اهي ڪيس راضي ڪرڻ يا موافق بنائڻ لاءِ نہ، پر ان جي گرميءَ، روشنائيءَ ۽ حرڪت جي جسماني قوتن کي برقرار رکڻ لاءِ ڏنيون ويندڙون هيون. سورج ديوتا جي "باهم" کي قائم دائم رکڻ لاءِ جو ايترين سارين انساني قربانين جي سلسلو گهرج رهندي هئي، تنهن جي پورائي ڪرڻ لاءِ همسايه قبيلن تي هرسال يلغار ڪئي ويندي هئي، ۽ قربانگاه تي بل چاڙهڻ لاءِ غلامن جا انبوهہ آندا ويندا هئا. چنانچہ ميڪسيڪو وارن جي جنگين جو اڻ کٽ سلسلو ۽ سندن انساني قربانين جو ظالمانہ سرشتو، جنهن جهڙو وحشيانہ مثال ملڻ مشڪل آهي، زياده تر نظام شمسيءَ جي غلط نظريي جو نتيجو آهي. هڪ خيالي ۽ وهمي غلطيءَ مان عملي طور ڪهڙا تباهڪن ۽ خطرناڪ نتيجا نڪرن ٿا، تنهن جو هن ڪان زياده نمايان مثال ڏيڻ مشڪل آهي. قديم يونانين جو اعتقاد هو تہ سورج ديوتا هڪ رٿ ۾ آسمان مان سواري ڪندو آهي، چنانچہ روڊيا جا باشندا، جي سورج کي پنهنجو مکيہ ديوتا ڪري پوڄيندا هئا، هرسال هڪ رٿ ۽ چار گهوڙا ان جي نالي ۾ اڇلائيندا هئا ۽ انهن کي سندس استعمال ڪرڻ لاءِ سمنڊ ۾ اڇلائيندا هئا. لاشڪ هو اڻين سمجهندا هئا تہ سڄي سال جي استعمال کان پوءِ سندس پراڻو رٿ ۽ گهوڙا گسي ٽي ويا ۽ ٽڪجي ٽي پيا. جيوڊا جا بت پرست بادشاہ ۽ شايد ساڳي ٽي ارادي سان سورج ديوتا جي نالي ۾ رٿ ۽ گهوڙا قربان ڪندا هئا، اسپارٽا جا رهاڪو، ايراني ۽ ماسگيٽائي فقط گهوڙا قربان ڪندا هئا. اسپارٽا وارا اها قرباني ٽيگيٽس جبل جي ٽوڙيءَ تي ادا ڪندا هئا، جنهن جي ٽڙيان هو هر رات انهيءَ "عظيم چراغ" کي غائب ٿيندو ڏسندا هئا. اسپارٽا جي واديءَ ۽ روڊس جي جزيري جي باشندن لاءِ رٿ ۽ گهوڙن کي، سمنڊ ۾ اڇلائڻ هڪ فطرتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ لازمي گاڻهه هئي، چوتہ سندن خيال موجب جيئن تہ شام جي وقت سج ان ۾ ئي غروب ٿيندو هو، تنهنڪري جبل جي چوٽيءَ تي يا سمنڊ ۾، سڄي ڏينهن جي ٽڪائيندڙ سفر کان پوءِ، تازا گهوڙا ۽ رٿ ٽڪي ماندي ديوتا لاءِ جو اتي تيار بيٺا هوندا، تہ اهي هن لاءِ واقعي نهايت ڪارآمد ۽ مفيد ثابت ٿيندا هوندا.

جهڙيءَ طرح هڪڙا ماڻهو سمجهن ٿا تہ اهي سج کي روشن ڪري سگهن ٿا يا ان جي رفتار ۾ تيزي آڻي سگهن ٿا، تيئن ٻيا وري ائين ۽ سمجهن ٿا تہ اهي ان جي رفتار ۾ سستي آڻڻ جي قابل آهن يا ان کي بلڪل هڪ هنڌ ساڪت ۽ جامد ڪري سگهن ٿا. پيرو جي اٽندين جيلن جي هڪ لڪ ۾ بن پهاڙين تي هڪئي جي بلڪل آمهون سامهون بن منارن جا ڦٽل نشان ٻيڙل آهن، جن ۾ هڪ مناري کان ٻئي تائين چارن کي چڪي ٻڌڻ لاءِ لوهم جون ميخون کتل آهن. چارن پکيڙن مان سج کي ڦاسائڻ جو مقصد آهي. اهڙن ماڻهن جا قصا اتي عام جام ۽ مشهور و معروف آهن، جن سج کي انهيءَ چار ۾ ڦاسايو آهي. موسم خزان ۾ جڏهن سج جنوب طرف لهندو ويندو آهي ۽ ڏکڻ قطب جي آسمان مان جيئن پوءِ تيئن هيٺ ٻڏندو ويندو آهي، تڏهن اڳلوليڪ جا اسڪيمو باشندا سج کي ڏاڪڻ جي چار ۾ ڦاسائڻ ۽ ان کي غائب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ "بلي" جي پينگهي" جي راند کيڏندا آهن. ان جي برعڪس موسم بهار ۾ جڏهن سج شمال طرف وڌندو ايندو آهي، تڏهن ان جي واپسيءَ کي تيز تر ڪرڻ لاءِ هو "پيالي ۽ ڪينهوءَ" جي راند کيڏندا آهن. آسٽريليا جو سياه فام باشندو جڏهن سج کي گهر پهچڻ تائين روڪڻ چاهيندو آهي، تڏهن هو ڪنهن اهڙي وڻ جي ٻه-چانگيءَ شاخ جي وچ ۾ گاهه جي پاڙن سان پريل مٽيءَ جو گوڙهو رکندو آهي، جنهن جو رخ سج واري طرف هوندو آهي. ان جي برعڪس سج کي جلد غروب ڪرڻ لاءِ آسٽريليا جا باشندا هوا ۾ ريتي اڇلائيندا آهن، ۽ سج جي سست رفتار گولي کي مغرب طرف اڏائڻ ۽ ان کي ريتيءَ ۾ دفن ڪرڻ جي ارادي سان، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهو رات جو غرق ٿيندو نظر ايندو آهي، ان طرف منهن ڪري وات سان ڦوڪون ڏيندا آهن.

جهڙيءَ طرح ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته اهي سج جي رفتار ۾ تيزي آڻي سگهن ٿا، تيئن هوا وري سمجهندا آهن ته اهي سست رفتار چنڊ کي ۽ تيزيءَ سان هلائي سگهن ٿا. نيوگائنا جا مقامي باشندا مهينن جو حساب چنڊ سان ڪندا آهن، ۽ انهن مان ڪن کي ان جي رفتار ۾ تيزي آڻڻ ۽ پنهنجن دوستن کي جلد واپس آڻڻ لاءِ، جي هارهن مهينن کان وٺي تماڪ جي پنين ۾ پورهئي ڪرڻ لاءِ باهر ويل هوندا آهن، چنڊ ڏانهن پٿر ۽ تير وسائيندي ڏٺو ويو آهي. ملايا جا وحشي سمجهندا آهن ته شام جي وقت آسمان ۾ تيز گلابي چمڪي (شفق) پيدا ٿيڻ سبب ڪمزور طبيعت جي ماڻهوءَ تي بيهوشي طاري ٿي سگهي ٿي. چنانچ هو انهيءَ چمڪي کي وسائڻ لاءِ آسمان طرف وات سان پاڻي ڦوڪارينداً ۽ رڪ اڇلائيندا آهن. شسواپ قبيلي جا ڪاڙها هندستاني سمجهندا آهن ته اهي ڪنهن وڄ جي ساڙيل وڻ جو ڪاٺ هاري، سردي پيدا ڪري سگهن ٿا. سنڊن انهيءَ اعتقاد جو سبب هي معلوم ٿو ٿئي ته انهن جي ملڪ ۾ ڪجڪوڙ واري طوفان کان هڪدم پوءِ هوا ٺڏي ٿي وندي آهي. چنانچ موسم بهار ۾ جڏهن اهي ڪاڙها هندستاني اوچن ميدانن تي برف مٿان سفر ڪندا آهن، تڏهن هو برف جي مٿاچري واري سخت تهه کي ڪهرجڻ کان روڪڻ لاءِ اهڙين ڪائين جا چوڏا ٻاه ۾ ٻاريندا رهندا آهن.

۽ جاپوءِ ذريعي هوا تي قبضو: وحشي لوڪ ائين به سمجهن ٿا ته هو هوا کي هلائي ۽ بند ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن گرم ڏينهن تي ياڪوت قبيلي جي وحشيءَ کي ڏکوئڻ سفر درپيش هوندو آهي، ته هو ڪنهن اهڙي پٿر کي، جو هن اتفاق سان مچيءَ يا جانور جي پيٽ مان لڌو هوندو، گهوڙي جو وار ويڙهي، لٽ سان ٻڌندو آهي، ۽ ان کان پوءِ لٽ کي هيڏانهن هوڏانهن هوا ۾ ڦيرائي منتر پڙهندو آهي. ان کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد ئي ڏڏي هير لڳڻ شروع ٿيندي. جيڪڏهن ساڏه نون ڏينهن تائين ڏڏي هوا گهلائڻي هوندي آئس، تہ ان صورت ۾ انهيءَ پٿر کي اڳ ۾ ڪنهن پکيءَ يا جانور جي رت ۾ ٻوڙي سورج ديوتا جي نذر ڪندو آهي. ۽ ساڳئي وقت سندس قبيلي جو جادوگر سج جي گردش جي اٽڪل ئي چڪر لڳائيندو آهي. هائينات قبيلي جي وحشي حبشيءَ کي جيڪڏهن هوا کي بند ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي تہ هو پنهنجن ڪلن جي ذخيري مان سڀني کان زياده ٿلهي کل چونڊي ان کي هڪڙي ڊگهي لڪڙي تي لڪائيندو آهي. سندس اعتقاد هوندو آهي تہ ان کل کي لڪڙي تان ڪيرائڻ لاءِ هوا کي پنهنجي سڄي قوت صرف ڪرڻي پوندي، جنهن کان پوءِ هوا ٽڪجي خودبخود ڊري ئي ويندي. فيوجيءَ جا جادوگر هوا جي زور ٽوڙڻ لاءِ ان جي مخالف طرف ڏانهن ڪوڏيون اڇلائيندا آهن. نيوگائنا جي پرين پيلي پيٽن جا وحشي وات سان ڦوڪون ڏيئي هوا پيدا ڪندا آهن. طوفاني هوائن لڳڻ وقت بوگاجم قبيلي وارا چوندا آهن تہ "پيلي ڦوم وارا اڄ وري وات سان ڦوڪون ڏيڻ لڳا آهن." نيوگائنا ۾ هوا پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ هي طريقو به استعمال ڪيو ويندو آهي تہ "هوا جي پٿر" کي لٽ سان آهستي ڏڪ هڻيو ويندو آهي، جو تہ ان کي زور سان ڏڪ لڳڻ ڪري هڪ وڏو واڇوڙو برپا ٿي پوندو. ساڳيءَ طرح اسڪائلنڊ جون "ڊائيون" هوا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن اڳڙيءَ کي ٻاڌيءَ ۾ ٻوڙي، ٿي دفعا پٿر مٿان سٽي، هي منتر پڙهنديون هيون:

"آءٌ هن اڳڙيءَ کي پٿر مٿان سٽيان ٿي،
هوا گهلائڻ لاءِ، شيطان جي نالي ۽!
اها هاڻي تہ بند ٿيندي، جيسين آءٌ نہ چونديسانس."

گريٽلنڊ ۾ سمجهيو ويندو آهي تہ حامل عورت ۾ ويڙ جي دوران ۾ ۽ ان کان پوءِ طوفان پيدا ڪرڻ جي طاقت موجود آهي. هن کي فقط گهر کان ٻاهر وڃي، پنهنجو وات هوا سان پري، وري گهر اندر واپس اچي. اها هوا وات سان ٻاهر ڪڍي پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم زماني ۾ ڪورٽ علائقي ۾ هڪ خاندان آباد هو، جنهن جي لاءِ اها ڳالهه مشهور هئي ته اهو طوفان کي مائو ڪري سگهندو هو، پر اسان کي اها خبر ناهي ته ان جا فرد انهيءَ مفيد پيشي کي ڇڏي طريقي سان هلائيندا هئا، جنهن ظاهر آهي ته انهن لاءِ انهيءَ ڳڇي ذرتيءَ جي جهازران آبادي* وارن ۾ خالي ناماچارکان علاوه ڪنهن زياده فائديمند بغاوضي جا سامان ٻيو پيدا ڪيا هوندا. عيسائيت جي دور ۾ ٻئي ڪانسٽنٽائين* جي دور حڪومت ۾، سوپيٽر نالي هڪ شخص کي قسطنطنيه ۾ انهيءَ الزام تحت موت سان همڪنار ٿيڻو پيو ته هن هوائن کي ٻڌي ڇڏيو هو، جو جو اتفاق اهڙو ٿيو هو، جو مصر ۽ شام کان ايندڙ ڪڪ سان پريل جهاز ساحل کان دور هوا جي مالائيءَ سبب رڪجي ويا هئا، جنهن بزنطين جي عوام جي فاقه ڪش طبقي کي نااميد ڪري ڪاوڙائي وڌو. فنلنڊ جا جادوگر به هوائن جي عدم موجودگيءَ ڪري سمنڊ تي روڪيل جهازرانن کي هوائون وڪڻندا هئا. اها هوا ٽن ڳنڍين ۾ بند هوندي هئي: انهيءَ ڳنڍ کولڻ سان معمولي هوا لڳندي هئي، ٻيءَ ڳنڍ سان نيم طوفان ۽ ٽيڻ سان زوردار ۽ تيز رفتار طوفان لڳندو هو. درحقيقت ايسٽونيا جا باشندا، جن جو ملڪ فنلنڊ کان فقط سمنڊ جي هڪ سنهيءَ چاڑهه وسيلي جدا ٿيل آهي، اڄا ب پنهنجن شمالي همسائين جي جادوءَ جي طاقتن ۾ يقين رکندا آهن. بهار جي موسم ۾ اتر ۽ اتر اوپر کان جيڪي انتهائي سرد هوائون لڳنديون آهن ۽ جي پاڻ سان گڏ سور ۽ وڇوڙا جي سوچ ڪٽي ايندڙ آهن، تن جي متعلق ايسٽونيا جا ساده دل ڪڙمي سمجهندا آهن ته اهي فنلنڊ جي جادوگرن ۽ ڊائڻين جي ڪارستانيءَ جو نتيجو آهن. موسم بهار جي تن ڏينهن کان هو خاص طور ڳهٽو انديشو رکندا آهن، جن کي اهي "صليب جا ڏينهن" ڪري سڏيندا آهن. انهن

* مشهور رومي شهنشاهه، جم: ۲۷۴ع، وفات: ۳۳۷ع

مان هڪ حضرت مسيح جي آسمان تي وڃڻ واري ڏينهن * کان اڳئين شام تي ايندو آهي. فيلائين جي پسگردائيءَ جا ماڻهو انهن ڏينهن تي باهر نڪرڻ کان ڊڄندا آهن ته متان ٽپلنڊ کان ايندڙ ظالم هوائون کين کيرائي اڇٽ ماري وڃن. ايستونيا جي هڪ راڪ جو مطلب، جو هر عام و خاص جي زبان تي هوندو آهي، هيئون آهي:

"صليب جي هوا! تيز رفتار ۽ زبردست!
پاسي مان لنگهي وڃ وقت تنهنجن پرن جو ڏڪ زبردست آهي!
بد بختي ۽ غم کڻي ايندڙ، واڪا ڪندڙ تيز هوا،
تنهنجي زوردار جهوٽي تي فنلنڊ جا جادوگر سوار آهن."

اڄ ٻ ڇيو ويندو آهي ته فنلنڊ جي تار ۽ طوفان سان مقابلو ڪندڙ جهازرانن کي ڪن وقتن تي سندن جهاز جي ٻڌين پاسي کان هڪ عجيب و غريب سڙهه واري ٻيڙي پاڻيءَ مان مٿي نڪرندي نظر ايندي آهي، جا ڪنهن اسالڪ مٿي کڻي باهر ڪڍي وٺندي آهي. اها ٻيڙي ڪڙ جهڙي اڇي ۽ ٽلهي ڪڙي جي بادبان واري هوندي آهي، جا پنهنجا سيئي سڙهه کولي، تيز رفتار طوفان جو مقابلو ڪندي، گجيدار پاڻيءَ جي اوچين لهرن مان رستو چيرينديءَ پاڻيءَ جي وڏين چادرن کي پاسي اڇلائيندي، اڳتي وڌندي ايندي آهي. طوفان جو ايترو ته زور هوندو آهي، جو ان جا سڙهه ڦاٽڻ تي هوندا آهن ۽ ان جو هر هڪ رسو گويا ٽٽڻ جي انتظار ۾ هوندو آهي. اهڙيءَ ٻيڙيءَ کي ڏسندي ئي خلاصي سمجهندا آهن ته اها فنلنڊ کان آئي آهي.

هوا کي اهڙي نموني سان ٽن ڳنڍين ۾ ٻڌڻ جي هنر کي، جو جيئن وڏيڪ ڳنڍيون کولجن، تيئن زياده تيز ۽ زوردار هوا لڳي، ٽپلنڊ جي جادوگرن ۽ شيٽلنڊ ليوس ۽ آئيل آف مئن جي جي "ڊائٽين" سان منسوب ڪيو ويو آهي. شيٽلنڊ جا خلاصي،

* عيسائي مذهب ۾ هيءَ هڪ تقريب آهي، جا ايسٽر کان ٻوءِ ڇهين جمعي رات ملهائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا تائين اهڙين پوڙهين عورتن کان گنڊين ٻڌل رومالن يا ڏاڪڻ جي صورت ۾ هوائون خريد ڪندا آهن، جي طوفانن تي قبضي جي دعويٰ ڪندڙ آهن. لروڪ ۾ اڃا ۽ ڪي اهڙيون ڪوڪ عورتون موجود آهن، جي هوا فروخت ڪري پنهنجو گذران ڪندڙ آهن. يوليسس ڪي. "هوائن جي بادشاه" ايئولس، وٽان چمڙي جي ٿيلهيءَ ۾ بند ٿيل هوائون مليون هيون. نيوگائنا جي موٽوموٽو قبيلي وارا سمجهندا آهن ته طوفانن کي اوٽيابو قبيلي وارن جو جادوگر موڪلينڊو آهي، ۽ جڏهن هر هوا لاءِ هڪ جدا ٻانس جو ڪڙو هوندو آهي، جنهن کي هو پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق کولينڊو آهي. مغربي آفريڪا جي ٽوگو ضلعي ۾ آگو جبل جي چوٽيءَ تي هڪ جادوگر رهندو آهي، جنهن جو مينهن ۽ هوائن تي قبضو سمجهيو ويندو آهي. ان جي پادريءَ لاءِ چوندا آهن ته هو هوائن کي وڌڻ ۽ بند ڪري رکندو آهي.

طوفاني هوا کي گهٽو ڪري ڏسڻ ۾ روح سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي ڏيڃاري، ڀڃائي ۽ ماري سگهجي ٿو. مرڪزي ايسڪيمو قبيلن جي ملڪ ۾ جڏهن طوفان ۽ ناموافق هوائون تمام گهٽو وقت هلنديون آهن ۽ ڪاڏي ويتي جي شين جي قلت ٿيندي آهي، تڏهن اهي طوفان کي راضي ڪرڻ لاءِ ساموئيڊي گاه مان هڪ ڏ گهو چهڪ ٺاهي، ان سان مسلح ٿي، سمنڊ جي ڪناري تي ويندا آهن، جتي اهي طوفان جي طرف چهڪ ٽوڪي چوندا آهن: "ٽاٻا، ٽاٻا (بس ڪافي آهي)!" هڪ دفعي جڏهن شمال مغربي هوائن سبب سمنڊ جي ساحل تي برف گهٽي وقت تائين جمي رهي، ۽ ڪاڏي جي قلت ٿيڻ لڳي، تڏهن اتان جي ايسڪيمو قبيلن طوفان کي مالي ڪرڻ لاءِ هڪ رسم ادا ڪئي. ڪناري تي ٻاه جو هڪ وڏو سڄ ٻاريو ويو، جنهن جي چوڌاري ماڻهن جمع ٿي منتر آلاپڻ شروع ڪيا. ان کان پوءِ هڪ پوڙهو ماڻهو مجمعي مان علحده ٿي ٻاه ڏانهن آيو، جتي ٻيهي هن نرم آواز ۾ طوفان جي پوت کي ٻاه تي اچي ڀاڪ ڪي سيکڻ لاءِ آماده ڪرڻ شروع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ائين سمجهيو ويو ته طوفان جو پوت اتي اچي ويو هوندو، تڏهن هڪ اهڙي برتن مان، جنهن ۾ حاضرين مان هرهڪ ٿورو ٿورو پاڻي وڌو هو، انهيءَ پوڙهي شخص پاڻ ۾ مڙس مڙس اهو پاڻي هاريو، جنهن کان هڪدم پوءِ باه واريءَ جاءِ تي ٽيڻ جي باڙه اچلائي ويئي، هتن جو خيال هو ته جنهن پوت سان اهڙي ٻري هلت ڪئي ويئي هئي، سو اهڙي هنڌ وڏيڪ رهڻ پسند نه ڪندو، ۽ ملڪ ڇڏي پڇي ويندو. رسم کي زياده اثرائتي ڪرڻ لاءِ مختلف طرفن ڏانهن بندوقون چوڙيون ويون ۽ هڪ يورپي جهاز جي ڪپتان کي هوا ۾ توپ هلائڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو. ۲۱ فيبروري سنه ۱۸۸۳ع تي، الاسڪا جي پائنٽ بئرو جي ايسڪيمو قبيلن وارن هوا جي روح کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ ساڳئي قسم جي رسم ادا ڪئي. عورتن پنهنجن گهرن مان ڏنڊن ۽ چاڪن سان هوا تي وار ڪري پوت کي باهر ڪڍيو ۽ مردن باه جي ٻچ جي چوگرد ٻيهي ان کي زائيفلن جون گولين هنيون، ۽ باه تي پاڻيءَ جو پريل برتن هاريو، ۽ پوءِ جيئن ان جي ٽاڻڻ مان باقي نڪري ويئي، تيئن ان جي مٿان هڪ وڏو پٿر اچلائي، پوت ڪي چڙيائون.

گرانچاڪو جا لينگوئا قبيلي جا ڳاڙها هندستاني سمجهندا آهن ته واڇوڙو ڪنهن بد روح جي لنگهڻ سبب پيدا ٿيندو آهي، جنهنڪري هو ان کي ڏيڇارڻ لاءِ، واڇوڙي جي وچ ۾ لڪيون اچلائيندا آهن. ڏکڻ آمريڪا جي پايا گوئا قبيلي وارن جي جهوپڙين کي جڏهن تيز هوا ڪيرائيندي آهي، تڏهن هو گهرن مان پريل ڪاٺيون ڪڍي هوا جي مخالف طرف ڊوڙندا ۽ ان کي اهي ٻڌيون اولاري، يا وري منجهاڻن کي هوا کي ڪون هٽي، طوفان کي ڏيڇارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. گيڪيرس قبيلي وارن کي جڏهن طوفان جو انديشو ٿيندو آهي، تڏهن انهن جا مرد مسلح ٿي باهر ويندا آهن، ۽ سندن زالون ۽ ٻار گهرن اندر پنهنجيءَ پوريءَ قوت سان چيڀون ۽ واڪا ڪري، طوفان جي پوت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديچاري پڃائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. باد و باران جي طوفان جي درسيان سوماترا جي ٻڪ قبيلو، وارن کي تلوارن ۽ پالن سان مسلح ٿي گهرن کان ٻاهر ڊوڙندي ڏٺو ويو. اتان جي راجا اهڙن ماڻهن جي قيادت پاڻ ڪئي. ۽ رڙيون ۽ واڪا ڪندي، انهن ٻنهنجي پوشيده دشمن کي تلوارن ۽ نيزن سان ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. هڪ پوڙهي عورت کي، جا هڪ ڏکڻ تلوار سان، ساڃي ۽ ڏائي، هوا جا ٽڪر لاهي رهي هئي، پنهنجي گهر جي ٻڃاڻ ۾ خاص طور چست ۽ مست ڏٺو ويو. بورنيو جي ڪيائن قبيلي وارا جڏهن اينڊز طوفان جي گجگوڙ جو آواز ٻڌندا آهن، تڏهن کين پنهنجن سياڻن مان اڃ تلوارون ٻاهر چڪي، طوفان جي پوتن کي ديچاري، پڃائڻ جي ڪوشش ڪندي ڏٺو ويو آهي. آسٽريليا جي ريگستاني علائقن ۾ ڪاڙهي ريتي جي تيز رفتار ۽ ديوهيڪل واڇوڙن کي هڪ ڪان ٻئي هنڌ ڦرندو ڏسي، اتان جا مقامي وحشي سمجهندا آهن ته اهي روح آهن، جي اتان لنگهي رهيا آهن. هڪ دفعي هڪ پهلوان سياه فام نوجوان ريتي جي اهڙن خوفناڪ واڇوڙن مان هڪ کي پنهنجي ڪائي جي هٿيار سان مارڻ لاءِ ان جي پٺيان ٻيو. ان ۾ ڪلاڪن تائين غائب رهڻ کان پوءِ هو ٽڪجي ۽ ماندو ٿي واپس آيو ۽ چيائين ته هن "ڪوچي" (پوت) کي ماريو هو، ۽ "ڪوچي" گجگار ڪري مٿس حملو آور ٿيو هو، جنهنڪري پاڻ کيس به مرڻو پوندو. مشرقي آفريڪا جي بدوي قبيلن لاءِ چيو ويندو آهي ته "انهن جي رستي مان ڪوبه اهڙو واڇوڙو ڪوڙ لنگهندو آهي، جنهن جي پٺيان ڊزن ڪن وحشي، هٿن ۾ اڳهاڙيون تلوارون ڪٿي، مٿي جي انهي متحرڪ مناري جي وچ ۾ سواري ڪندڙ بد روح کي پڃائڻ لاءِ، ڏکي هٽندا پڃندا نه ويندا آهن."

انهن مثالن جي روشني ۾، هيروڊوٽس* جو هڪ قصو، جنهن کي اڄ جي جديد نقادن ڏند ڪٿا سڏيو آهي، بلڪل اعتبار جوگو

* يوناني هوليءَ جو هڪ عظيم شاعر ۽ اديب. (جنم : ۴۸۴ ق. م.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ قصي جي سچ يا ڪوڙ جي ذميداري ڪٿ کان سواءِ، هو چوي ٿو ته هڪ دفعي پسلي، جديد ترپوليءَ جي سرزمين، ۾ صحرا جي رڻپٽ کان ايندڙ گرم هوائن پاڻيءَ جي سيني تلائن کي سڪائي پٽ ڪري ڇڏيو. چنانچہ اتان جي ماڻهن مشورو ڪري جنوبي هوائن سان جنگ جوڙڻ لاءِ گڏجي انهن تي وڏي حملو ڪيو. پر جڏهن هو ريگستان ۾ داخل ٿيا، تڏهن اتان جي باد سموم کين پنهنجي گهيري ۾ آڻي، پوسائي، دفن ڪري ڇڏيو. امڪان آهي ته اهو قصو ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ بيان ڪيو هجي، جنهن کين جنگي سازوسامان سان، ڏهلن دمامن جي آوازن جي وچ ۾، گول ڦرندڙ سرخ ريتيءَ جي بادل نما واڇوڙي ۾ غائب ٿي ويندو ڏٺو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇوون

جادوگر ـ بادشاه

مٿي ڄاڻايل شهادتون اسان کي هن باري ۾ مطمئن ڪري سگهن ٿيون ته دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن ۾ جادوءَ انسان جي پيدائيءَ خاطر فطرت جي بي پايان قوتن تي قبضي رکڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. جيڪڏهن اها حقيقت آهي، ته پوءِ انهيءَ هنر جا ڪاريگر ڪنهن به معاشري ۾، جو انهن جي اهڙين وڏين دعوائن ۾ ايمان ۽ اعتقاد رکي ٿو، لازمي طور ڪافي اهميت ۽ رسوخ وارا شخص هوندا. ۽ ان ۾ ڪو به تعجب نه ڪرڻ گهرجي ته انهن مان ڪي، پنهنجيءَ شهرت ۽ هيبت سبب، جي سندن پيشي جي مخصوص نوعيت سبب سائن وابسته ڪيون ويون ٿي، پنهنجن اپوجهه ۽ وسوڙل قبيلي وارن ۾ اعليٰ ترين اختياريءَ وارن منصبن کي پهچي ٿي سگهيا. دراصل ائين معلوم ٿو ٿئي ته جادوگر، ٿيندي ٿيندي، سردارن ۽ بادشاهن جي اعليٰ عهدن تائين به عموماً وڃي ٿي پهتا.

اڃا ته انسان ذات جي سڀ کان زياده پوئتي پيل ۽ اهڙيءَ هڪ اڻ سڌريل قوم ـ آسٽريليا جي وحشي قبائل ـ جي حالات جو جائزو ولون، جنهن جي متعلق اسان کي نسبتاً مڪمل ۽ پوري معلومات حاصل ٿي سگهي آهي. آسٽريليا جي هنن وحشين تي نه سردار حڪومت ڪن ٿا ۽ نه بادشاه. انهن قبيلن جي جيڪڏهن ڪا سياسي جوڙجڪ آهي، ته اها هڪ قسم جي جمهوريت، يا پيرمردن ۽ با اثر شخصن جي هڪ ننڍي گروه جي حڪومت آهي، جي اهم معاملن تي فيصلي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪائونسل جي صورت ۾ جمع ٿيندا آهن، جنهن ۾ قبيلي جي نوجوان طبقي کي عملي طور ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ يا اختياري ڪالم هوندي آهي. انهن جي اها آچار ويچار ڪنڊڙ اسيمبلي سڏريل قومن جي "سينيٽ" سان مشابهت رکي ٿي. برين مڙسن جي اهڙيءَ حڪومت لاءِ جيڪڏهن اسان کي ڪو نئون لفظ گهڙڻو پوي، تہ ان کي "پوڙها شاهي" ڪٽي چئجي. آسٽريليا جي وحشي قبيلن جا اهي پريا مڙس، جي پنهنجن قبيلن جي معاملات کي هلائڻ لاءِ وقت بوقت پاڻ ۾ گڏجندا آهن، سي گهٽو ڪري پنهنجن پنهنجن قبيلن جا مهندار هوندا آهن. مرڪزي آسٽريليا ۾، جتي ملڪ جي ريگستاني ۽ بياباني نوعيت ۽ غير ملڪي اثرن جي ذري گهٽ مڪمل عدم موجودگيءَ ترقيءَ ۽ واڌاري جي قوتن کي پسپا ڪري ڇڏيو آهي ۽ اتان جي مقامي وحشي قبيلن کي سندن انتهائي تدبير ۽ اوائلي حالت ۾ محفوظ رکيو آهي، اتي مختلف قبيلن جي سردارن تي پنهنجي پنهنجي قبيلي جي نشان واري جانور يا پکيءَ، وغيره، جي تعداد ۾ اضافي آڻڻ لاءِ جادوءَ جي رسمن ادا ڪرڻ جي ذميداري عائد ڪيل آهي، ۽ جيئن تہ اهڙين قبائلي علامتن ۽ نشانن جي اڪثريت ڪائڻ جوڳن جانورن ۽ پوڻن جي آهي، ان ڪري لازمي طور هي نتيجو نڪري ٿو تہ اهڙن سردارن ۾ جادوءَ وسيلي پنهنجن قبيلن جي ماڻهن کي خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ جي عام‌طرح اميد رکي وڃي ٿي. ازانسواءَ انهن جو اهم ترين منصبي فرض "مقدس گدام" جي ذميداري سنڀالڻ آهي، جو عام طرح سان جبل جي پاسي ۾ ڪو قدرتي ڦاٽ يا زمين ۾ ڪاڇر هوندي آهي، جن ۾ اهڙا مقدس پٿر ۽ ڪاٺيون (*Churinga*="چورنگا") رکيل هونديون آهن، جن سان منجهائن سيني جي روحن، مئل خواه زنده، کي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان وابستہ سمجهيو ويندو آهي. چنانچہ هڪ طرف جيڪڏهن اهڙن قبائلي سردارن کي محڪماتي قسمن جي فرضن، جهڙوڪ قبائلي رسم و رواج جي خلاف ورزي ڪرڻ جي پاداش ۾ سزا ڏيڻ، وغيره، جي ادائگي ڪرڻي پوندي آهي، تہ ساڳئي وقت انهن جا اهم ترين فرض مقدس نوعيت جا پا جادوءَ جي دائري ۾ اچي ويندڙ ٿين آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسٽريليا کي ڇڏي ڏڌهن اسين نيوگائنا پهچون ٿا، تہ ڏسون ٿا تہ جيڏيڪ اڏڻ جا مقامي قبائل آسٽريليا جي وحشي قبيلن کان تهذيب و ثقافت جي اعليٰ تر منزل تي پهتل آهن، ان هوندي بہ انهن جي معاشري جي جوڙجڪ بنيادي طور جمهوري يا پرين مڙسن جي محدود گروه جي اقتدار جي بنياد تي ٻڌل آهي، ۽ اِن ۾ سرداري نظام انتهائي ابتدائي منزلن ۾ آهي. چنانچہ سر وليم ميڪ گريگر ٻڌائي ٿو تہ برٽش نيوگائنا ۾ هن وقت تائين کو هڪ بہ ماڻهو ايترو عقلمند، ايترو دلير ۽ ايترو طاقتور کونہ ٿيو آهي، جو کنهن هڪ ضلعي جيتري اراضيءَ کي بہ پنهنجي زير اختيار ڪري سگهيو هجي. "انهيءَ منصب ڏانهن قريب ترين واڌارو صرف هيترقدر عمل ۾ اچي سگهيو آهي، جو کنهن نہ کنهن جادوگر جو اثر ۽ رسوخ البت ان حد تائين پکڙجي ۽ قبول ٿيجي چڪو آهي، جنهن جو بيجا نتيجو وري اهو نڪتو آهي، جو انهن جادوگرن پنهنجا ڊپ ۽ رعب ويهاري ماڻهن کي پنهنجو محتاج ۽ ڏن ڀرو بنائي ڇڏيو آهي."

ميلانيشيا جي مقامي باشندن جي قول مطابق، سندن سردارن جي طاقت جو بنياد محض انهيءَ اعتقاد ۾ سمايل آهي تہ اهي طاقتور پوتن سان همڪلام ٿي سگهندا آهن، ۽ ڪين اها فوق الفطري قوت حاصل آهي، جنهن جي ذريعي هو انهن پوتن جي اثر ۽ طاقت کي استعمال ڪري سگهندا آهن. جيڪڏهن کو سردار ڪنهن تي ڏنڊ وجهندو هو، تہ اهو فقط ان ڪري ادا ڪيو ويندو هو، جو سڀ ماڻهو سندس غيبي طاقت کان ڊجندا هئا ۽ انهن جو پختو اعتقاد هوندو هو تہ جيڪڏهن هن جي مخالفت ڪندو، تنهن کي هو مصيبت يا بيماريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن ٿي سندس ماڻهن جي ڪافي حصي کي سندس انهيءَ طاقت ۾ شڪ ٻوڙ لڳندو هو تہ پوءِ سندس مطيع آهن، تيڪڏهن ٿي سندس ڏنڊ وصول ڪرڻ جي طاقت بہ گهٽجي ويندي هئي. ڊاڪٽر جارج برائون وري ٻڌائي ٿو تہ نيو برٽن ۾ "برسر اقتدار سردار کي پادريءَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرض ۽ ادا ڪرڻا پوندا هئا، يعني ته هو 'ٽيبارنس' (روحن) سان پنهنجي دائمي ۽ مسلسل رابطي جي دعويٰ ڪندو هو، ۽ سندن توسل سان هو مينهن ۽ وسائي سگهندو هو ۽ سڀ آب هوا ۾ پيدا ڪري سگهندو هو، خوشگوار يا خراب هوائون، ٿ اري يا تندرستي، جنگ ۾ فتح يا هار، ۽ عام طرح اهڙي رحمت يا زحمت پري صورتحال پيدا ڪري سگهندو هو، جنهن لاءِ ان جي تقاضا ڪندڙ ڪيس ڪائي معاوضو ڏنو هوندو يا ڏيڻ جو وعدو ڪيو هوندو."

تهذيب ۽ ثقافت جي هڪ ڏاڪي مٿي چڙهڻ سان اسين آفريڪا ۾ اڃي پهچون ٿا، جتي سرداريءَ ۽ بادشاهيءَ جا سرشتا ترقي پذير آهن، ۽ اتي جادوگر، خاص طرح "مينهن وسائيندڙ جادوگر"، جي سرداري منصب تائين، ارتقا جا ثبوت، نسبتاً جام ملن ٿا. چنانچ، مشرقي آفريڪا جي بنتو قوم جي وامبگوئي قبيلي وارن وٽ حڪومت جو اصلوڪو نمونو هڪ خانداني جمهوريت وارو هو، پر جادوگرن جي بي انتها اقتدار، جوڪين پشت بپشت ورثي ۾ ملندو ايندو هو، جلد ئي ڪن دستوري قسمن جي نوابن يا سردارن جي عهدي تي کٽي فائز ڪيو. سنه ۱۸۹۴ع ۾ انهن جا جيڪي ٽي سردار رهندا هئا، تن مان ٻن کان ماڻهو ڏاڍو ڊڄندا هئا، جو ڪين جادوگر سمجهيو ويندو هو، ۽ لاتعداد چوپائي مال جي صورت ۾ هنن جادوگرن وٽ جيڪا دولت جمع ٿيل هئي، سا ڏري گهٽ سڄي وٽن انهيءَ حيثيت ۾ سرانجام ڪيل "خدمات" جي عوض سوغاتن ۽ سوکڙين يا ڪڙين جي صورت ۾ ڪٺي ٿي هئي. سندن مکيه هنر "مينهن وسائڻ" جو هو. مشرقي آفريڪا جي وتاتارو ٽالي هڪ ٻئي قبيلي وارن جا سردار سڏا سنواڻا جادوگر آهن، ۽ ڪين ظاهر ظهور ڪنهن ٻ قسم جو ڪو سياسي اقتدار يا اختيار حاصل ڪونه آهي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته مشرقي آفريڪا جي واگوگو قبيلي وارن جي سردارن جي مکيه طاقت سندن مينهن وسائڻ جي هنر سان ٽي وابسته هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو سردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بذات خود مينهن وسائڻ جي قابل ڪونہ آهي، تہ ان صورت ۾ ڪيس پنهنجي قبيلي لاءِ ڪنهن اهڙي ٻئي ماڻهوءَ کان مينهن حاصل ڪرڻو آهي، جو انهيءَ هنر جو ماهر هجي.

هوڏانهن وري نيل درياه جي بالائي حصن ۾ رهندڙ قبيلن جا ويڄ يا پوپا گهڻو ڪري سندن سردار هوندا آهن. انهن جي سڄي اختياري سندن مينهن وسائڻ جي نام نهاد طاقت تي مبني آهي، ڇو تہ "مينهن ٻي هڪ اهڙي شيءَ آهي جا انهن ضلعن جي ماڻهن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي"، ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجي مقرر وقت تي نہ ٿو وسي، تہ ان صورت ۾ اتان جي ماڻهن کي ناقابل ذڪر دشوارين جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. ان ڪري هن ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ تعجب جي گنجائش ڪانهي تہ اتان جا زياده چالاڪ ۽ حرفتي ماڻهو مينهن وسائڻ جي طاقت پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، يا هڪ دفعو اهڙيءَ شهرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجن ساده دل ۽ ويساه وسوڙل همساين جي سادگيءَ مان ناجائز فائدو وٺي، پنهنجيءَ اهڙيءَ طاقت جي تجارت ڪن." چنانچہ "انهن قبيلن جي سردارن مان زياده تر مينهن وسائيندڙ جادوگر آهن ۽ انهن جي شهرت ۽ هردلعزيزيءَ جو دارومدار ان تي رهي ٿو تہ اهي پنهنجي قبيلي وارن کي پوريءَ موسم تي مينهن ڏيئي سگهن ٿا يا نہ... مينهن وسائيندڙ سردار پنهنجون جهوپڙيون گهڻو ڪري ڪنهن اوچيءَ ٽڪريءَ جي لاهہ تي اڏيندا آهن، ڇو تہ کين اها خبر هوندي آهي تہ ٽڪرين ڪرن کي ڪشش ڪندين آهن، جنهنڪري آب هوا متعلق پيشنگوئين ڪرڻ ۾ کين جيڪي سو زياده تسلي رهندي آهي." مينهن وسائيندڙ جادوگرن مان هرهڪ وٽ گهڻو ڪري چند "مينهن جا پٿر" هوندا آهن، جهڙوڪ عقيق ۽ نيلم، جن کي هو مٽ ۾ رکندو آهي. هن کي جڏهن مينهن وسائڻو هوندو آهي، تڏهن انهن پٿرن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندو آهي، ۽ ساڳئي وقت هٿ ۾ هڪ چليل ڪانو ڪڍي، جنهن جي منهن وٽ چيز ڏنل هوندو آهي، ان کي هيٺ مٿي ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرن کي ٻاڙ ڏانهن اڇ يا ٻاڙ کان دور وڃ لاءِ حڪم ڪندو آهي، ۽ انهيءَ دوران ۾ هو سڄو وقت چپ ۾ منتر پڙهندو رهندو آهي. يا وري هو ڪنهن پٿر جي سوراخ ۾ ٻڪريءَ يا ريڍ جا آنڊا گونڊا ۽ ٻاڙي وجهي، انهيءَ ٻاڙيءَ جا چنڊا آسمان ڏانهن اڇلائيندو آهي. اهڙو سردار جيتوڻيڪ پنهنجيءَ مينهن وسائڻ جي موهوم طاقت سبب ڪافي دولت حاصل ڪندو آهي، ان جي باوجود هو گهٽو ڪري، يا هميشه، پين جي هٿان مرندو آهي، چوته خشڪ موسم ۾ سندس قبيلي جا ٻاڙ ڪڍهن ڪڍهن ائين سمجهي ويهي رهندا آهن ته هو برسات کي وسڻ کان روڪي رهيو آهي، ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ پرجي، گڏجي، کيس قتل ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي باوجود اهو منصب موروثي هوندو آهي ۽ پيءُ کان پٽ کي ملندو آهي. جن قبيلن وارا انهن اعتقادن ۾ يقين رکندا آهن ۽ اهڙيون رسمون ادا ڪندا آهن، تن مان لاتوڪا، باري، لالوبا ۽ لوڪوئيا چند مشهور قبيلا آهن.

مرڪزي آفريڪا ۾ آلبرٽ ڍنڍ جي مغرب ۾ لينڊو قبيلي وارن جو پختو اعتقاد آهي ته ڪن خاص ماڻهن کي مينهن وسائڻ جي طاقت هوندي آهي. انهيءَ قبيلي وارن جو مينهن وسائڻ وارو جادوگر يا ته سردار هوندو آهي، يا گهٽو ڪري هر حالت ۾ وڏن سرداريءَ جو رتبو حاصل ڪري ويندو آهي. بانيورو قبيلي وارا به مينهن وسائڻ وارن جو وڏو احترام ڪندا آهن ۽ کين سوغاتن سان ڍڪي چڏيندا آهن. سيني کان وڏو مينهن وسائيندڙ، جنهن کي مينهن ٻڏان مڪمل اختيار حاصل هوندو آهي، سو بادشاه هوندو آهي، پر هو پنهنجي اها طاقت پين ماڻهن کي به سونهي سگهندو آهي ته جيئن اها نعمت تقسيم ٿي سگهي ۽ آسماني پاڻي بادشاهيءَ جي مختلف علائقن ۾ حصن تي يڪسان طور وسي سگهي.

مغربي توڙي مشرقي ۽ مرڪزي آفريڪا ۾ امان کي سردار ۽ جادوگر جي فرض جو ساڳيوئي اشتراڪ نظر اچي ٿو. آتان جو سردار ساڳئي وقت ويچ به آهي، ته هڪ ڪاريگر لوهار به، چوته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏئن قبيلي وارا لوهار جي پيشي کي مقدس سمجهندا. آهن ۽ سردارن کان علاوه ٻيو ڪوبه ماڻهو ان هنر ۾ هٿ نه ٿو وجهي سگهي.

ڏکڻ آفريڪا ۾ سردار ۽ "مينهن وسائيندڙ" جي منصبن جي تعلقات متعلق هڪ باخبر مصنف لکي ٿو: "تمام پراڻي زماني ۾ قبيلي جو سردار هڪ 'وڏو مينهن وسائيندڙ' هوندو هو. ڪي سردار انهيءَ ڪم ۾ ٻئي ڪنهن کي به پاڻ سان مقابلي ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندا هئا، ته متان ڪنهن ڪاميابَ 'مينهن وسائيندڙ' کي سردار ڪري منتخب ڪيو وڃي. ان لاءِ هڪ ٻيو سبب به هو: 'مينهن وسائيندڙ' جيڪڏهن وڏيءَ شهرت جو مالڪ هوندو هو، ته هو پڪ ئي پڪ دولتمند به هوندو هو ۽ ظاهر آهي ته ٻئي ڪنهن کي به مالدار ٿيڻ جو موقعو ڏيڻ سردار لاءِ ڪڏهن به فائديمند ڪونه هو. هڪ 'مينهن وسائيندڙ' جو عوام متان زبردست اثر رهي ٿو، جنهنڪري انهيءَ ڪم کي شاهي خاندان ۾ ئي محفوظ رکڻ نهايت ئي اهم امر هو. روايتن ۾ مينهن وسائڻ جي طاقت کي هميشه قديم سردارن ۽ قومي سورمن جي بنيادي شان سان وابسته ڪيو ويو آهي، ۽ قوي امڪان آهي ته قبيلن ۾ اوائلي سرداري سرشتي جو اهوئي بنياد هجي. جيڪو ماڻهو مينهن وسائيندو هو، سو ئي لازمي طور سردار ٿيندو هو. ساڳئي نموني سان، چاڪا، مشهور زولو قبيلي جي مطلق‌العنان سردار، کي اعلانن وسيلي يا ٻين مناسب طريقن سان پنهنجي متعلق هميشه هيءَ ڳالهه مشهور رکڻي پوندي هئي ته هوئي اڪيلو اهڙو شخص هو، جنهن کي مينهن جي پروڙ پوندي هئي، چو ته ڪيس معلوم هو ته جيڪڏهن هو ٻئي ڪنهن کي به مقابلي ڪرڻ جي اجازت ڏيندو، ته سندس زندگي غير محفوظ ٿي پوندي." ساڳيءَ طرح ڏکڻ آفريڪا جي قبيلن جو عام ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر موفٽ چوي ٿو ته "'مينهن وسائيندڙ' ماڻهن جي نظرن ۾ ڪوگهٽ درجي وارو ماڻهو ڪونهي، ڪيس ماڻهن جي دلين متان بادشاه کان به وڌيڪ اختيار حاصل آهي، ۽ خود بادشاه کي به هن اعليٰ ترين عملدار جي حڪمن آڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪڻ لاءِ مجبور رهڻو پوي ٿو."

مٿي چاڻايل شهادتون ۽ ثابتيون هن ڳالهه جو امڪان پيدا ڪن ٿيون ته آفريڪا ۾ بادشاه جو رتبو گهڻو ڪري پهلڪ جادوگر، ۽ خاص طرح 'مينهن وائيندڙ' جي رتبي جي پيداوار آهي. جادوگر پنهنجي پيشي جي فرض ادائيءَ ڪري عام ماڻهن جي دلين ۾ جيڪا بي‌پايان دهشت پيدا ڪري ٿو ۽ دولت جمع ڪري ٿو، تن پنهي گڏجي سندس منصب ۾ اضافو آندو هوندو. ۽ جيڪڏهن جادوگر، ۽ خاص طرح 'مينهن وائيندڙ' جي زندگي هڪ ڪامياب پيشه ور ڪي وڏن انعامن اڪرامن جي پيشڪش ڪري ٿي، ته ساڻئي وقت اها هن لاءِ متعدد مصيبتن ۽ خطرن سان ڀرپور رهي ٿي، جن ۾ هڪ بدنصيب يا پنهنجي هنر کان ناآشنا ڪاريگر ڪنهن به وقت ڦاسي سگهي ٿو. هڪ پهلڪ جادوگر جي زندگي درحقيقت ڏاڍي نازڪ ٿئي ٿي، ڇو ته جتي ماڻهن کي اهو پختو يقين رهي ٿو ته مينهن وسائڻ، سج چمڪائڻ ۽ زمين جي ميون کي پيدا ڪرڻ سندس ٻي وس ۾ آهي، اتي هو خشڪساليءَ ۽ قحط کي سندس قابل مذمت لاپرواهيءَ يا جاڻي واڻي ضد سان منسوب ڪندا آهن، جنهن لاءِ ڪيس موزون سزائون ڏيندا آهن. ان ڪري آفريڪا جو جيڪو سردار مينهن وسائڻ ۾ ناڪامياب ٿيندو آهي، تنهن کي گهٽو ڪري جلاوطن يا قتل ڪيو ويندو آهي. چنانچه مغربي آفريڪا جي ڪن حصن ۾، جڏهن ماڻهن جون بادشاه کي پيش ڪيل قربانيون ۽ دعائون مينهن وسائڻ ۾ ناڪام ٿيندڙ آهن، تڏهن سندس رعيت ڪيس زمين ۾ جڪڙي زبردستيءَ سندس وڏن جي قبرستان ڏانهن وٺي ويندي آهي، ته جيئن هو ڪائنات گهربل مينهن حاصل ڪري سگهي. اولهه آفريڪا جي بنجار قبيلي وارا مينهن وسائڻ يا خوشگوار موسم پيدا ڪرڻ جي قوت کي پنهنجي بادشاه ڏانهن منسوب ڪندا آهن. جيسين آب هوا وٽندڙ ۽ سهائيندڙ هوندي آهي، تيسين ڪيس اناج ۽ ڏورن ڏڪڻ جي سوڪڙين پاڪڙين سان ڏئي ڇڏيدا آهن. ۽ جيڪڏهن خشڪ موسم يا برسات جي طويل عرصي تائين هلڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انديشو هوندو آهي، تہ هو سندس بيحرمتي ڪندا آهن ۽ ڪيس تيسين مارڏيندا رهندا آهن، جيسين آب هوا ۾ ڪا تبديلي اچي. جڏهن فصل ٽورو لهندو آهي، يا ڪناري تي ايندڙ ساوڌي لهرن ۾ ايترو زور هوندو آهي، جو مڇيءَ جي شڪار ڪرڻ ۾ دقت پيش ايندي آهي، تڏهن لوٽانگو جا ماڻهو پنهنجي بادشاه تي "بدنيتي" جو الزام ڏري، ڪيس تخت تان لاهي ڇڏيندا آهن. گرين ڪوسٽ تي وڏي پادريءَ يا جادوگر بادشاه کي، جنهن کي "بوديو" جو لقب مليل آهي، قبيلي جي تندرستيءَ، زمين جي آبادي۽ ۽ سمنڊ ۽ درياهن ۾ مڇيءَ جي جهجهائيءَ لاءِ ذميدار ٺهرايو ويندو آهي، ۽ جڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ ڪا مصيبت ملڪ تان نازل ٿيندي آهي، تہ "بوديو" کي سندس عهدي تان هٽايو ويندو آهي. وڪٽوريا نيانزا ڍنڍ جي جنوبي ساحل تي، اسوڪوما نالي هڪ وڏي ضلعي ۾، مينهن ۽ ماڪڙ جو مسئلو سلطان جي حڪومت جي مسئلن مان هڪ اهم مسئلو آهي. ٻن ڳالهين سان گڏ ڪيس اها به جاڻ هئي گهرجي تہ مينهن ڪيئن وسائجي ۽ ماڪڙ کي ڪيئن هڪالي ڪڍجي. جيڪڏهن هو ٻاڻ ۽ سندس ويج اهي ڪم سرانجام نہ ڪري سگهندا آهن، تہ پوءِ مصيبت جي وقتن ۾ سندس وجود خطري ۾ هوندو آهي. هڪ دفعي جڏهن ماڻهن جي گهرج مطابق مينهن ڪونہ ٻيو، تڏهن سلطان کي اتان (ناسا جي پرسان اتوتوا ۾) هڪالي ڪڍيو ويو. درحقيقت انهن ماڻهن جو اهو ئي خيال آهي تہ حڪمرانن کي قدرت ۽ ان جي نظام تي اختيار هئي گهرجي. اسان کي نيانزا علائقي جي مقامي باشندن لاءِ عام طور ائين ٻڌايو ويندو آهي تہ "هو سمجهندا آهن تہ مينهن جادوءَ جي اثر سبب وستدو آهي ۽ ان کي وسائڻ جو اهم فرض قبيلي جي سردار مٿان عائد ٿئي ٿو. جيڪڏهن مينهن پنهنجيءَ مند تي نہ وسندو آهي، تہ هر ڪوئي سردار جي شڪايت ڪندو آهي، ڪيترن ئي ڏينهن ڏينڊن بادشاهن کي خشڪاليءَ سبب ملڪ مان نيڪالي ڏني ويئي آهي". نيل درياه جي بالائي حصن ۾ رهندڙ لاتوڪا قبيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن ۾ جڏهن فصل ۾ سوڪ ايندي آهي ۽ قبيلي جي سردار طرفان مينهن وسائڻ لاءِ سپ جتن بيسود ثابت ٿيندا آهن، تڏهن اهي گڏجي گهٽو ڪري رات جو مٽس حملو ڪندا آهن ۽ سندس سپ مال مڈي ڦري، ڪيس پڇائي ڪيندا آهن. پر گهٽو ڪري ان کي اڳو پوءِ قتل ڪري ڇڏيندا آهن.

دنيا جي گهڻن ٻين علائقن ۾، بادشاهن ۾ پنهنجي رعايا جي بهبودي۽ ۽ پلائي۽ خاطر قدرت جي نظام کي هلائڻ لاءِ توقع رکي ويئي آهي ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ ڪالهه ۾ ناڪامياب ثابت ٿيا آهن، تہ کين سزائون ڏنيون ويون آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ قحط سالي۽ جي وقتن تي سڀين لوڪ پنهنجي بادشاه کي قيد ڪندا هئا. قديم مصر ۾ فصلن جي هيٺائي۽ جو الزام مقدس بادشاهن تي عائد ڪيو ويندو هو، ۽ ان "مقدس جانورن" کي قدرت جي نظام ڪارڪرد گي۽ لاءِ ذميدار ٺهرايو ويندو هو. جڏهن ۽ خشڪ موسم ڊگهي عرصي تائين هلندي هئي ۽ ان جي نتيجي ۾ وڏڙندڙ بيمارين ۽ ٻيون مصيبتون ملڪ ۾ منهن ڪيندڙيون هيون، تڏهن اتان جا پوجاري رات جو انهن جانورن کي باهر ولي وڃي کين ڏسڪيون ۽ ڏڙڪا ڏيندا هئا، پر جيڪڏهن مصيبت ۾ اڃا ۽ ڪا ڪمي ڪانہ ايندي هئي، تہ هو انهن ديون کي کهي ڇڏيندا هئا. ڏکڻ ڏسفڪ ۾ نيوئي يا سئويچ نالي مرجان جي ٻيٽ ۾، اڳئين زماني ۾ بادشاهن جو هڪ سلسلو حڪمراني ڪندو هو، پر جيئن تہ اتان جا بادشاه ساڳئي وقت وڏا پادري پڻ هوندا هئا ۽ اناج پيدا ڪرڻ جي اميد ۽ منجهن رکي ويندي هئي، ان ڪري خشڪ موسم ۽ قحط سالي۽ ۾ ماڻهو مٿن ڪاوڙجي، کين قتل ڪري ڇڏيندا هئا، تان جو، جيئن تہ ڪيترائي هڪڙي جي پٺيان ائين قتل ٿي ويا، تنهنڪري منجهانئن ٽيٽ ڪنهن ۽ بادشاه ٿيڻ قبول ڪونہ ڪيو ۽ بادشاهي نظام جو اهڙيءَ طرح بنهہ خاتمو اچي ويو. قديم چيني مصنف چون ٿا تہ ڪوريا ۾ جڏهن ۽ تمام ٿورو يا تمام گهٽو مينهن وسندو هو، جنهنڪري فصل پوريءَ طرح نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچندا هئا، تڏهن ان جو ڏوه بادشاه جي ڏر تي ڏريو ويندو هو، کي چوندا هئا ته کيس تخت تان لاٿو وڃي، کي وري کيس قتل ڪرڻ جو مشورو ڏيندا هئا.

آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين جي قبيلن وارن تهذيب و تمدن طرف گهٽي کان گهٽو واڌارو ميڪسيڪو ۽ پيروءَ جي "بادشاهي ـ ۽ ـ مذهبي" نوعيت وارين حڪومتن جي دور ۾ ڪيو. پر انهن ملڪن جي اوائلي تاريخ متعلق اسان کي ايتري ته گهٽ معلومات حاصل آهي، جو خاطريءَ سان نه ٿو چئي سگهجي ته سندن مقدس بادشاهن جا ابا ڏاڏا ويڃ يعني جادوگر هئا يا نه. البت سندن نسل يا گهراڻي جو هڪ هلڪو سراغ اسان کي انهيءَ قسم ۾ ملي ٿو، جيڪو ميڪسيڪو جا بادشاه تخت تي ويهڻ وقت ڪندا هئا ۽ اهو هيءَ هو: "آءٌ سج کي ايارينداس، ڪرن مان مينهن وسائينداس، درياهن ۾ ٻاڦ وهائينداس ۽ ڌرتيءَ مان جام ميوا پيدا ڪندس." يقيناً قديم دور واريءَ آمريڪا ۾، جادوگر-ويڃ، پنهنجي پراسرار نوراني حلقي ۽ دهشت واريءَ فضا جي درميان وڏي اثر رسوخ ۽ اهميت وارو شخص هو ۽ امڪان آهي ته گهڻن قبيلن ۾ هو سردار يا بادشاه جي منصب تائين وڃي پهتو هوندو، جيتوڻيڪ هن جي انهيءَ ارتقا جي باري ۾ اثباتي ۽ پختيون شهادتون عدم موجود آهن. چنانچه "ڪنڊان" اسان کي ٻڌائي ٿو ته اتر آمريڪا ۾ جادوگر-ويڃن جو "قبيلي ۾ ممتاز ۽ معزز شخصن جهڙو قدر ڪيو ويندو آهي ۽ سڄو قبيلو کين وڏي ۾ وڏي عزت ۽ آبرو ڏيندو آهي ـ نه فقط طبي معاملن ۾ سندن مهارت لاءِ پر زياده تر جادوءَ ۽ اسرارن ۾ سندن حرفت ۽ ڪاريگريءَ سبب، جنهن جي اهي سڀئي گهٽيءَ حد تائين تجارت ڪندا آهن... سڀئي قبيلن جا 'ويڃ' شعبده باز هوندا آهن ـ جادوگر هوندا آهن ـ پيشينگويون ڪندڙ هوندا آهن، ۽ آءٌ ته کين هوند 'مقدس پادري' ئي ڪٽي چوان، ڇو جو اهي قبيلي جي سڀني مذهبي رسمن رواجن جي نگراني ۽ اڳواني ڪندا آهن. کين 'غيب جي خبر ڏيندڙ' سمجهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. صلح توڙي جنگ واري ڪائونسلن ۾ ڪين سردارن جي پاسي ۾ جاءِ ڏني ويندي آهي، مشترڪ نوعيت جي هرقدم کڻڻ کان اڳ ڪائنس مشورو ورتو ويندو آهي ۽ سندن راءِ کي وڏي ۾ وڏي عزت ۽ اهميت ڏني ويندي آهي." ساڳيءَ طرح ڪئليفورنيا ۾ "هئيڊو قبيلي واري ۾ جادوگر-ويج کي وڏي ۾ وڏيءَ اهميت وارو شخص سمجهيوويندو هو، يا شايد اڄ به سمجهيو ويندو آهي. حڪومت جي ڪنهن به خاص نظام ۽ سرشتي جي عدم موجودگيءَ ۾، 'ويج' جي لفظ کي وڏو وزن هوندو آهي. معاشري جي هڪ طبقي يا گروه جي حيثيت ۾ ڏسڻ وڏو رعب ويڙل آهي، ۽ قانون موجب انهن جي سردارڪان به زياده فرمانبرداري ۽ مڃتا ڪئي ويندي آهي."

ڏکڻ آمريڪا ۾ به ڪڏهن جادوگر يا "ويج" سرداريءَ يا بادشاهيءَ جي شاهراه تي گامزن نظر اچي رهيا هئا. برازيل جي ساحل تي سڀني کان زياده اوائلي آباد ٿيندڙ ماڻ ٽوپيت نالي هڪ فرينچ پڌرائي ٿو ته هندستاني "انهن 'پيجز' (ويجن) کي اهڙيءَ ته عزت ۽ احترام سان ڏسندا آهن، جو هو انهن جي پوڄا ڪندا آهن، يا ڪين ديوتائون ڪري مڃيندا آهن. عام ماڻهو انهن ڏانهن ويندي، سجدا ڪندي ۽ ڪائنس هيءَ يا هي ڪا اهڙي قسم جي دعا پنندي ڏنا ويندا آهن ته 'دعا ڪر، ته شل آءٌ بيمار نه ٿيان، شل آءٌ نه مران! نه آءٌ ۽ نه منهنجا ٻچا ٻارا' هو وري هيئيون يا ٻيو ڪو اهڙو جواب ڏيندو آهي: 'تون نه مرندين، تون بيمار نه ٿيندين.' پر ڪن وقتن تي جيڪڏهن هو سچ نه ڪالهائيندا آهن ۽ حقيقت سندن پيشينگوين کان مختلف نڪري پوندي آهي ته ماڻهو کين 'پيجز' جهڙي اعليٰ لقب ۽ شان جي ناقابل سمجهي قتل ڪرڻ کان به نه ڪرندا آهن." گرانچاڪو جي لينگوئا قوم جي ڪاڙهن هندستانين ۾ هرهڪ قبيلي واري جو پنهنجو پنهنجو سردار هوندو آهي، پر هن ويچاري کي ڪا به اختياري ڪانه هوندي آهي. پنهنجي منصب جي انوکي نوعيت جي مدنظر کيس پنهنجن ماڻهن کي ڪيئي سوکڙين پابندين ڏيڻيون پونديون آهن، جنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مشڪل سان دولتمند ٿيندو آهي ۽ گهٽو ڪري پنهنجي رعايا کان زياده بچڻ حالن ۾ هوندو آهي. "درحقيقت جادوگر ٿي اهو ماڻهو آهي، جنهن جي هٿن ۾ سياسي کان زياده اقتدار ۽ اختيار هوندو آهي، ۽ هو سرڪاتن ڏيڻ بدران وٺڻ تي هريل هوندو آهي."
جادوگر جو فرض آهي ته هو پنهنجي قبيلي جي دشمنن تي مرض ۽ مصيبت نازل ڪري ۽ پنهنجن ماڻهن کي مخالف جادوءَ کان محفوظ رکي. انهن خدمتن لاءِ ماڻهو هن کي مالا مال ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ انهن وٽان هو وڏي اثر رسوخ ۽ اختياريءَ واري پوزيشن اختيار ڪري ٿو.

ملايا جي سڄي علائقي ۾ راجا يا بادشاه کي فوق‌الفطري قوتن جو مالڪ سمجهي وهم وچان ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، ۽ ان باري ۾ اهڙيون شهادتون موجود آهن، جن مان هي خيال ڪري سگهجي ٿو ته اهو بادشاه يا ڪيترن آفريڪي سردارن وانگر هڪ سڌي سادي جادوگر مان ٿي ترقي ڪري انهيءَ منصب تي وڃي رسيو آهي. اڄ به ملايا جي ماڻهن جو پختو اعتقاد آهي ته بادشاه فطرت جي ڪارناسن، جهڙوڪ اناج جو ڏرتيءَ مان چمڻ ۽ وٺن جو ميوي سان پرجڻ، وغيره، تي شخصي اثر رکي ٿو. اها ساڳي خصوصيت، البت گهٽ درجي واري، انهن ماڻهن وٽ به موجود سمجهي ويندي آهي، جن کي راجا پنهنجون ڪجهه اختياريون سونپيندو آهي، حتيٰڪ انهن يورپي آفيسرن ۾ به اها طاقت موجود سمجهي ويندي آهي، جي اتفاق سان ضلعي عملدارن جي حيثيت ۾ آڻي ملازمت ۾ هوندا آهن. چنانچه ملايا جي هڪ رياست، سيلانگور، ۾ چانورن جي فصل جو سڪي وڃڻ اتان جي ضلعي آفيسرن جي تبديليءَ سان منسوب ڪيو ويندو آهي. ڏکڻ سيليبس جي توراڄا قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته چانورن جي فصل جي پيلي ٿيڻ جو دارومدار سندن شهزادن جي چال چلت تي هوندو آهي، ۽ خراب حڪومت جو نتيجو جنهن مان سندن مطلب انهيءَ حڪومت سان هوندو آهي، جا قديم رسم و رواج جي موافق نه هجي، فصلن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڪاميابي هوندو آهي.

سراواڪ رياست جي ڏياڪ قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته سندن مشهور حڪمران، راجا بروڪ، هڪ قسم جي جادوءَ جي خاصيت سان نوازيل هو، جنهن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪرڻ سان چانورن جا فصل پرپور ٿيندا هئا. چنانچه جڏهن به هو ڪنهن قبيلي وارن وٽ ويندو هو، تڏهن هو ان وٽ اهو بج ڪٽي ايندا هئا، جو ڪين ايندڙ سال پوکڻو هوندو هو، راجا ان بج ۾ ڦڻ ڦاڻ ۽ آباد ٿين جي خاصيت پيڙ لاءِ، ان جي مٿان عورتن جا هار، جن کي اڳواٽ ئي هڪ خاص قسم جي سرڪب ۾ پوڙي رکيو ويو هوندو هو، جهنجهٽي وانگر وڇائيندو هو. جڏهن به هو ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيندو هو، تڏهن اتان جو عورتون سندس پيرن کي هڪ دفعو پاڻيءَ سان ڌوئي، انهن جي مٿان وري ڪچي ناريل جو ڪير هاريندين هيون ۽ آخر ۾ وري به انهن مٿان پاڻي هاريندين هيون، انهيءَ سڄي پاڻيءَ کي، جو سندس پيرن کي لڳو هو، اهي عورتون ٻنيءَ ۾ ڇڪاڻ لاءِ محفوظ رکندين هيون، ڇو ته سندن اعتقاد هو ته ان ڪري سندن فصل پرپور ۽ ڀلا ٿيندا. جن قبيلن وٽ هو دوريءَ سبب نه پهچي سگهندو هو، سي ڪيس اڇي ڪپڙي جو هڪ ٽڪر ۽ ٽورو سڻ يا چاندي موڪلي ڏيندا هئا، ۽ جڏهن راجا انهن کي پنهنجي برڪت واري هٿ سان "طاقتور" بڻائيندو هو، تڏهن هو انهن کي پنهنجن ٻنين ۾ دفن ڪندا هئا، جنهن کان پوءِ ڪين پرپور فصل جو يقين رهندو هو. هڪ دفعي جڏهن ڪنهن يورپي آفيسر هن خيال جو اظهار ڪيو ته سامبان قبيلي وارن جي چانورن جا فصل چڱا ٿيا آهن، تڏهن انهن جي سردار هڪدم جواب ڏنو ته "پيو وري چا ٿيندو، جو راجا بروڪ هڪ دفعو به وٽن ڪونه آيو هوا" هن پوءِ انهيءَ يورپي آفيسر کي استدعا ڪئي ته مسٽر بروڪ کي سندن قبيلي وارن ڏانهن اچڻ ۽ زمين جي ٻي برڪتيءَ دور ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ آماده ڪيو وڃي. ته ڏاڍو سٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو اعتقاد تہ بادشاهن کي جادوءَ جون يا فوق‌الفطري طاقتون حاصل هونديون آهن، جن جي وسيلي هو زمين کي آباد ۽ سائو ڪري سگهندا آهن ۽ پنهنجي رعايا تي پنهنجون نوازشون ڪندا آهن، هندستان کان ولي آئرلنڊ تائين آباد ٿيل آريه نسل جي سڀني قومن جي وڏن ۾ عام موجود هو، جنهن انهن سڀني ملڪن ۾ اڄ ڏينهن تائين پنهنجا واضح آثار ڇڏيا آهن. چنانچه قديم هندن جي قانون جي ڪتاب ۾، جنهن کي "منوءَ جا قانون" سڏيو ويندو آهي، هڪ چگي بادشاه جي حڪومت جون هي علامتون بيان ڪيل آهن:
"انهي ملڪ ۾، جتان جو بادشاه فاني گنهگارن جي ملڪيت ضبط ڪرڻ کان پرهيز ڪري ٿو، ماٹهو پنهنجي پوري وقت تي جمندا آهن ۽ انهن جي حياتي وڌي ٿيندي آهي؛ ڪڻڪ جو هرهڪ فصل ائين ئي اپرندو آهي، جيئن ان کي پوکيو ويندو آهي، بارن جو سوت ڪوڻ ٿيندو آهي ۽ ڪوڙ پار بگڙيل صورت سان ڪوڙ جمندو آهي." "هومر" واري يونان ۾ بادشاهن ۽ سردارن کي "مقدس" (*Sacred*) يا "ديوتا" (*Divine*) سڏيو ويندو هو، انهن جا گهر به "مقدس هوندا هئا ۽ سندن رٿ ۾ مقدس سڏيا ويندا هئا، ماٹهن جو اهو خيال هوندو هو تہ نيڪ بادشاه جي دور حڪومت ۾ ڪاريءَ ڌرتيءَ مان ڪڻڪ ۽ جون جا پريور فصل پيدا ٿيندا، وڻ ميوي جي بار کان جهڪي ويندا، ڍڍ وڌندا ۽ سمنڊ مان جام مڇيون ملنديون. وڇين صدين ۾ جڏهن ڊينمارڪ جو بادشاه ولئڊيمر پهريون، جرمنيءَ جي سير تي آيو هو، تڏهن اتان جي عورتن پنهنجا بار ۽ ڪڙمين پنهنجا بج هن جي هٿ ڦيرائڻ لاءِ وٽس آندا، جو سندن خيال هو تہ شاهي هٿ لڳڻ جي برڪت ڪري بار تندرست ۽ توانا ٿيندا، ۽ ساڳي ئي اعتقاد سبب ڪڙمين کيس پنهنجي هٿ سان سندن بج ڇڻڻ لاءِ استدعا ڪئي. قديم آئرلنڊ جي ماٹهن جو اعتقاد هو تہ جڏهن سندن بادشاه پنهنجن وڏن جون رسمون پوريون ڪندا هئا، تڏهن موسمون معتدل، فصل جهجها، چوپايو مال سائو، ۽ ماڻي مڇين جي دولت سان مالا مال،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندا هئا ۽ ميوبدار وڻن کي ميوي جي بار کان ٽيڪڻ ڏيئي بيهارڻو پوندو هو. "سينٽ پئٽرڪ" جي نالي تصديق ٿيل هڪ ٽوب تي هڪ نيڪ بادشاه جي حڪومت جي نعمتن ۾ هي ڳالهيون شمار ڪيون وينديون آهن: "خوشگوار آب هوا، ماڻا سمنڊ، پرپور ۽ جهجها فصل ۽ ميوي سان پريل وڻ." ٻئي طرف قحط، وهڪيل ڳئون، جيتن کاڌل ميوو ۽ اناج جي اٽاٽ ـ اهي خراب حڪمران جي وجود جون يقيني ۽ ناقابل ترديد ثابتيون سمجهيون ويندڙ هيون.

اهڙن وهمن جو آخرين يادگار نشان، جو انگريز بادشاهن جي متعلق دير تائين هلندو آيو، سو شايد اهو اعتقاد هو ته هو پنهنجي هٿ جي ڇهڻ سان "اسڪروفولا" (*Scrofula*) بيماريءَ کي ڇٽائي سگهندا هئا. اها بيماري، ان ڪري "بادشاهي شامت" جي نالي سان ئي مشهور هئي. راڻي ايليزبيٿ شفا ڏيڻ جي اها ڪرامتي طاقت اڪثر استعمال ڪندي هئي. سنه ۱۶۳۳ع ۾ وچ اونهاري واري ڏينهن* تي، چارلس پهرئين هوليرود جي شاهي ديول اندر هڪ ئي ڏڪ سان پورن هڪ سو ماڻهن کي شفايابَ ڪيو. پر سندس پٽ چارلس ٻئي جي ڏينهن ۾ اها رسم پنهنجي ڪمال عروج کي وڃي پهتي. جيو وجي ٿو تم چارلس ٻئي پنهنجي حڪومت جي دوران ۾ قريباً هڪ لک ماڻهن کي "اسڪروفولا" بيماريءَ کان شفايابي ڏني. سندس قريب پهچڻ لاءِ جيڪا گيهه ٿيندي هئي، سا ڪن وقتن تي موتمار هوندي هئي. هڪ اهڙي موقعي تي ڇهه يا ست ماڻهو، جي پنهنجي شفايابيءَ لاءِ آيا هئا، سي ماڻهن جي ڀيڙ ۾ ڇيڙاڇجي مري ويا. ڏڏي دماغ واري "وليم ٽئين" اهڙيءَ بيهودگيءَ حرڪت ۾ شريڪ ٿيڻ کان نفرت جو اظهار ڪيو ۽ جڏهن سندس محلات کي حسب دستور اهڙن گدلن بيمارن جي انبوه اچي گهيرو ڪيو، تڏهن هن کين ڪجهه خيرات ڏيئي واپس موڪلڻ جو حڪم ڏنو. فقط هڪ ئي اهڙي موقعي تي جڏهن

* سينٽ جان دي بپٽسٽ جي جنم ڏينهن واري تقريب، جا ۲۴ جون تي هر سال ملهائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کیس بار بار منتون میڙیون کري هڪ بيمار کي هٿ لائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. تڏهن هن مريض کي ڇيو ته "خيال توکي بهتر تندرستي ۽ زياده صحت ڏني!" بهرحال، متوقع طور، اهڙي زور سوگهي دماغ ۽ متعصب "جيمس ٻئي" ۽ سندس بي عقل ڏيڻ واري "ائن" جي ڏينهن ۾ وري چاري ڪئي ويئي.

فرانس جا بادشاهه ۽ ساڳئي طرح ڇهن سال بيمار کي شفا ڏيڻ جي ڪرامت جي دعويٰ ڪندا هٿا. جنهن لاءِ چوندا آهن ته اهڙا ڪين ڪلووس يا سينٽ لوئي ۽ وٽان دليل هئي ۽ ساڻن جي انگريز بادشاهن اهڙا ايڊورڊ دي ڪنفيسر وٽان حاصل ڪئي هئي. ساڳئي طرح ٽونگا جا وحشي سردار اسڪروفولا ۽ جيري جي بيمارن کي پير سان ڇهي شفايابه ڪندا هٿا. ان جو علاج خالص هر آهنگ جادوءَ جي اصول تي ڪيو ويندو هو. ڇو ته مرض جي وڃڻ توڙي ان جي علاج جو سبب بادشاه جي جسم يا ان سان لاڳاپيل ڪنهن شيءَ سان لڳڻ کي ئي سمجهيو ويندو هو.

مٿين سڀني حقيقتن، شهادتن ۽ دليلن جي مدنظر، اسين هن نتيجي ڪڍڻ ۾ حق بجانب ٿينداسون ته دنيا جي گهڻن حصن ۾ بادشاه جو منصب قديم جادوگر يا "ويچ" جي منصب جو سڌو سنئون نتيجو ۽ اختتام آهي. هڪ دفعو جڏهن جادوگرن جي هڪ مخصوص گروه کي قبيلي کان ڌار ڪري، ان کي اهڙن فرض جي سرانجامي ۽ جو ڪر سونپيو ويو، جن تي عوام جي سلامتيءَ ۽ بهبودي ۽ جو دارومدار سمجهيو ٿي ويو، تڏهن اهي ماڻهو آهستي آهستي وڏي دولت ۽ اقتدار جي منزل تي وڃي رسيا. تان جو انهن جا اڳواڻ وڏندي وڏندي مقدس بادشاهن جي درجي کي وڃي پهتا. پر انهيءَ عظيم سماجي انقلاب سان گڏ وگڏ، جو هڙي نموني جمهوريت سان شروع ٿي، نيٺ اڃي مطلق العنان ملوڪيت تي ختم ٿئي ٿو، هڪ دماغي انقلاب پڻ رونما ٿئي ٿو، جو خود بادشاهيءَ يا ملوڪيت جي بنيادي تصور ۽ ان جي فرض تي اثر انداز ٿئي ٿو. ڇو ته جيئن وقت گذرندو وڃي ٿو، تيئن سڄاڻ ذهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن ماڻهن ۾ جادوءَ جو ڪوڙ ؟ ڪڇ عيان ٿيندو ويجي ٿو، تان جو آهستي آهستي ان جي جاءَ اچي مذهب والاري ٿو، ۽ ان لفظن ۽ "جادوگر" جي جاءَ "پادري" اچي اختيار ٿو ڪري. جو انسان جي پلائيءَ خاطر فطرت جي قوتن تي سڌيءَ طرح ضابطي هلائڻ جي دعويٰ ترڪ ڪري، سا گيو ئي مقصد اڻ سڌي نموني حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، يعني هو ديوتائن جي رحم و ڪرم کي متحرڪ ڪري ۽ ڪن مناسب انداز ۾ منٿ ميڙ ڪري، ڪائنات انهن ڪمن جي سرانجامي طلبي ٿو، جن جي سرانجاميءَ کان خود پاڻ کي هاڻي معذور ۽ مجبور ٿو سمجهي. چنانچه بادشاهيءَ جو منصب، جادوگر جي حيثيت سان شروع ٿي، آهستي آهستي جادوگريءَ جي عمل جي بجاءَ پنهنجي مٿان هڪ پوجاريءَ جي عبادت ۽ قرباني جا فرض عائد ڪري ٿو چڏي. هن منزل تي انسان ۽ ديوتا جي درميان جيتوڻيڪ فرق پوريءَ طرح اڃا تائين ڪونه ٿو محسوس ٿئي، ان جي باوجود عام طرح اهو وڃايل رهي ٿو ته انسان، نه فقط مرڻ کان پوءِ، پر جيئري ۾ پنهنجي جسم اندر زبردست ۽ طاقتور ديوتا جي عارضي يا مستقل واسي ٿيڻ سبب، بذات خود ديوتا جي رتبي کي پهچي سگهيو ٿو. انساني روپ ۾ ديوتا جي ظهور جي هن اعتقاد مان ماڻهن جي ٻئي ڪنهن به طبقي ڪڍهن به ايترو فائدو حاصل ڪونه ڪيو آهي جيترو بادشاهن. هي اعتقاد ۽ ان سان گڏ بادشاهن جي خدائيت يا خدائي پاڇي هيٺ جو نظريو، ايندڙ باب ۾ اسان جي بحث ۽ تحقيقات جو موضوع رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون

ديوتا روپ انسان

دنيا جي اڪثر ملڪن جي وحشي قومن ۽ قبيلن جي اعتقادن ۽ رسمن مان اسان جيڪي مثال مٿين باب ۾ پيش ڪيا آهن، سي هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته هڪ وحشي انسان قدرتي طاقتن مٿان پنهنجين قوتن جي انهن حدن کي شناخت ڪرڻ کان قاصر آهي، جيڪي حدون اڄ اسان جي نظرن ۾ بنهه صاف ۽ ظاهر آهن. اهڙي معاشري ۾، جتي هرهڪ ماڻهو ٽورين گهڻين اهڙين قوتن سان نوازيل سمجهيو ويو ٿو، جن کي فوق‌الفطري سڏي سگهجي ٿو، اتي صاف ظاهر آهي ته انسان ۽ ديوتا جي درميان فرق ڪجهه قدر جهڪو يا اڻ لکو ٿئي ٿو، يا ائين ڪٽي چئجي ته اهڙن ماڻهن جي دماغ ۾ انهيءَ فرق محسوس ڪرڻ جي صلاحيت اڃا پيدا ئي ڪانه ٿي آهي. ديوتائن جو اهو تصور، آهي انسانن کان اعليٰ ڪي هستيون آهن، جن ۾ آهي آهي طاقتون آهن، جن جهڙيون يا جن جيتريون انسانن وٽ بنهه ڪين آهن ـ انساني تاريخ جي دوران ۾ هيءَ قسم جو تصور نهايت آهستي آهستي ۽ تمام دير دير سان وجود ۾ آيو آهي. اوائلي قومن جا ماڻهو فوق‌الفطري هستين کي جيڪڏهن ماڻهن کان ڪجهه قدر بالاتر سمجهندا هئا، ته بلڪل ٽوريءَ حد تائين ۽ جو ته هو ائين سمجهندا هئا ته هو انهن کان پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪنهن ۾ ڪم ڪرائڻ لاءِ ڪين ڊيڄاري ۽ ڏمڪائي ٿي سگهيا. انسائي خيال جي انهيءَ ارتقائي منزل تي هيءَ دنيا گويا هڪ وسيع جمهوريت تصور ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ سڀئي هستيون، خواهه فطري يا فوق‌الفطري، هڪ مناسب حد تائين مساوي سطح تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڻل نظر اچن ٿيون. پر پنهنجي علم ۽ عرفان جي واڌاري سان گڏوگڏ انسان قدرت جي وسعت ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ پنهنجيءَ ڪمزوريءَ ۽ ڪم مايگيءَ جو ڪجهه زياده چٽيءَ طرح احساس ڪرڻ سکي ٿو. ليڪن پنهنجي لاچاريءَ جي احساس اڇ سان گڏ، هن جي دماغ ۾ انهن فوق‌الفطري هستين جي ناتوانائيءَ ۽ ڪمزوريءَ جو گمان بهرحال ڪونه ٿو پيدا ٿئي، جن ڏانهن هن جي سمجهه موجب هيءَ دنيا پوري پيئن آهي. ان جي برعڪس، هو پاڻ کي اڃا به زياده طاقتور تصور ڪري ٿو. جو ڪ انهيءَ منزل تي سندس دماغ ۾ هن خيال جي سوچ‌ڦرو يا ڦاچولو، اڃا مڪمل طور ڪونه آيو آهي تہ هيءَ دنيا غير شخصي يا طبعياتي قوتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جو مقرر ۽ اٽل قاعدن مطابق هلي رهيو آهي. انهيءَ نظريي جي جهلڪ سندس دماغ ۾ يقيناً پيدا ٿي چڪي آهي، جنهن تي هو نہ فقط پنهنجي جادوءَ جي هنر ۾ پر روزمره جي گهڻن ڪمن ڪارين ۾ عمل ڪري ٿو. پر ان نظريي جو اڃا تائين سندس ذهن ۾ پورو اظهار ڪونہ ٿيو آهي ۽ جڏهن هو دنيا کي سمجهڻ يا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جنهن ۾ هو زندگي بسر ڪري رهيو آهي، تڏهن هو ان کي شعوري ارادي ۽ شخصي هستيءَ جو مظهر تصور ڪري ٿو. ان صورت ۾ هو جيڪڏهن پاڻ کي اهڙو نبل ۽ ناچيز محسوس ڪري ٿو، تہ انهن هستين کي ڪيترو نہ قوي ۽ بلوان سمجهندو هوندو، جي سندس ويچار ۾ فطرت جي هن ديو هيڪل نظام کي هلائي رهيون آهن! چنانچہ، جيئن جيئن ديوتائن سان برابريءَ جو قديم خام خيال سندس دماغ مان ڪافور ٿيندو وڃي ٿو، تيئن تيئن ساڻئي وقت هو قدرت جي نظام کي پنهنجن ڪمزور ۽ مختصر ذريعن، يعني جادوءَ جي جنترن منترن سان هلائڻ جي اميد ۾ لاهي چڏي ٿو ۽ جيئن پوءِ تيئن انهن ديوتائن کي ئي هو انهن فوق‌الفطري طاقتن جو سرچشمو سمجهڻ لڳي ٿو، جن ۾ هو ڪنهن وقت سڌيءَ طرح پنهنجو حصو ۽ شراکت سمجهندو هو. علم ۽ ڄاڻ جي ترقيءَ سان، ان ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي رسم و رواج، ۽ عبادت ۽ قرباني اهم‌ترين ڪردار ادا ڪرڻ لڳن ٿيون، ۽ جادوءَ ڪي، جو ڪنهن وقت انهن جو حقي واجبي هنڌ سمجهيو ويندو هو، آهستي آهستي پس پشت اڇلايو وڃي ٿو، ۽ اهو نيٺ وڃي "ڪاري علم" جي ڪريل ۽ ذليل سطح تي ڪري ٿو.

جادوءَ ڪي هاڻي ديوتائن جي حد اختيار ۽ متعلق ۽ ناپاڪ دخل اندازي سمجهيو وڃي ٿو، جنهنڪري ٻوچارين طرفان، جن جي پنهنجي شهرت ۽ طاقت سندن ديوتائن جي اثر ۽ شهرت سان گڏوگڏ ڪم يا زياده ٿئي ٿي، جادوءَ جي مستعديءَ سان مخالفت ڪئي وڃي ٿي. چنانچ جڏهن اڳتي هلي مذهب ۽ وهم پرستيءَ جي درميان فرق نمودار ٿئي ٿو، تڏهن اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته عبادت ۽ قرباني قوم جي نيڪ ۽ چاڙو، ماڻهن جي طبقي جو ذريعو ۽ وسيلو بڻجن ٿيون، ۽ جادو وهمي ۽ جاهل طبقي جو آڌار ۽ آٽت ٿي پوي ٿو. ۽ جڏهن اڄا ۽ اڳتي هلي فطرتي عناصر جي قوتن کي شخصي هستين سمجهڻ بجاءِ، انهن کي قدرتي قائدن ۽ قانونن جي ماتحتي حيثيت ۽ سڃاتو ويو، تڏهن جادو، جنهن جو بنياد سببن ۽ نتيجن جي لازمي ۽ اٽڪ تسلسل ۽ چڪر تي ٻڌل آهي، ۽ جو شخصي رضا کان بلڪل مبرا آهي، هڪ دفعو وري بدناموسيءَ جي انهيءَ اوڙاهه کان منهن مٽي ڪٽي ٿو ۽ فطرتي اثرن ۽ نتيجن جي اصلي سببن جي تفتيش ڪري، سڏو سنئون سائنس لاءِ رستو هموار ڪري ٿو. ڪيميا جي پيٽ مان اڄهو اهڙيءَ ريت جديد ڪيمسٽري (علم ڪيميا) جي سائنس جنم ورتي ٿي.

انسان ـ ديوتا، يا ديوتائن جي خوبين ۽ خصلتن يا فوق‌الفطري طاقتن سان نوازيل انسان جو خيال، بنيادي طور، مذهبي تاريخ جي انهيءَ اوائلي دور جي پيداوار آهي، جنهن ۾ انسانن ۽ ديوتائن ڪي اڄا هڪ ئي درجي وارو سمجهيو ٿي ويو ۽ جڏهن انهن جي درميان پوئين دورن جي خيالن ۽ نظرين مطابق ناقابل عبور خليج اڄا حائل ڪانه ٿي هئي. انساني روپ ۾ ديوتا جي موجودگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خيال اسان کي ڪٿي ڪيتريقدر ۾ عجيب و غريب معلوم ٿئي، پر ان ۾ اوائلي زماني جي ماڻهوءَ کي، جو انسان ديوتا يا ديوتا انسان ۾ اعليٰ درجي واريون اهي ساڳيون فوق الفطري قوتون موجود سمجهي ٿو، جي هو ايمانداريءَ سان پاڻ ڏانهن منسوب ڪري ٿو، ڪا بي عجيب ڳالهه معلوم نه ٿي ٿئي. نه وري هو هڪ هوشيار ۽ طاقتور جادوگر ۽ ديوتا جي درميان ڪو خاص امتياز ئي محسوس ڪري ٿو. هن جا ديوتائون گهڙڻ ڪري فقط غيبي جادوگر آهن، جي فطرت جي هردي پٺيان اهي ساڳيا جنتر منتر ۽ ٽوٽا ڦيٽا ڪندا رهن ٿا، جي هڪ انساني جادوگر ظاهر ظهور ۽ جسماني حالت ۾ پنهنجن ماڻهن جي اکين آڏيان ڪندو رهي ٿو، ۽ جيڪڏهن ته عام طرح اڄ ڪين سمجهيو ويندو آهي ته ديوتائون پنهنجن پوڄارين ۽ معتقدن کي انساني صورت ۾ ديدار ڪرائيندا آهن، ان حالت ۾ هڪ جادوگر لاءِ سندس نام نهاد ڪرامتن سبب انساني روپ ۾ ديوتا هڻڻ جي شهرت حاصل ڪرڻ نهايت آسان آهي. چنانچه سڌي سادي ۽ رواجي جادوگر جي حيثيت سان ابتدا ڪري، هڪ "ويچ" يا "جادوگر" هڪ ئي وقت مڪمل بادشاهه ۽ ديوتا جي منصب تي پهچي وڃي ٿو. فقط هن جو ديوتا جي حيثيت ۾ ذڪر ڪندي، اسان کي وحشي انسان جي ديوتا جي تصور سان اهي انتهائي پيچيده نظريا، وابسته ڪرڻ نه گهرجن، جي ان لفظ ڏانهن اڄ اسين منسوب ڪريون ٿا. انهيءَ عميق موضوع تي اسان جا هاڻوڪا نظريا هڪ طويل دماغي ۽ اخلاقي ارتقا جا نتيجا آهن، ۽ اهي هڪ وحشيءَ جي فهم و فراست کان ايتريقدر ته دور آهن، جو هزار سمجهائڻ سان به هو انهن جي سمجهڻ کان يڪسر قاصر رهي ٿو. تهذيب جي هيٺينءَ منزل وارين قومن جي مذهب متعلق زياده تر مباحثا ۽ پسنديدگيءَ يا غيرپسنديدگيءَ جا اظهار صرف باهمي غلط فهميءَ جو نتيجو آهن. وحشي هڪ تهذيب يافته ماڻهوءَ جي خيالن کي نه ٿو سمجهي، ۽ ساڳيءَ طرح وحشيءَ جي خيالن کي به ڪي ٿورا تهذيب يافته

ماڻهو سمجهن ٿا. وحشي جڏهن پنهنجي مقصد لاءِ "ديوتا" جو لفظ استعمال ڪري ٿو، تڏهن سندس ذهن ۾ هڪ خاص قسم جي هستي آهي. جڏهن هڪ تهذيب يافته ماڻهو لفظ "ديوتا" استعمال ڪري ٿو، تڏهن سندس دماغ ۾ بلڪل مختلف نوعيت واري هستي موجود آهي. اهڙيءَ حالت ۾، جيئن عام طرح ٿيندو آهي، جيڪڏهن ٻئي جڻا هڪٻئي جي نقطه نگاه سان متفق نه ٿا ٿي سگهن، تہ انهن جي بحث مباحثي مان سواءِ مونجهاري ۽ غلطين جي ٻيو ڪو نتيجو نه نڪري سگهندو. جيڪڏهن اسين تهذيب يافته ماڻهو خدا جي ناليءَ کي خدائيت جي انهيءَ مخصوص نظريي جي روشنيءَ ۾ ئي استعمال ڪرڻ تي ضد ڪريون، جو اسان پنهنجي دل ۾ قائم ڪيو آهي، تہ پوءِ اسان کي اهو اقرار ڪرڻو پوندو تہ وحشيءَ کي ڪو خدا آهي ئي ڪونہ. ۽ جيڪڏهن اسين اها حقيقت قبول ڪريون تہ تهذيب جي ڪجهہ قدر اعليٰ منزل تي پهتل اڪثر وحشين وٽ ڪي اڻ ڪن اهڙن فوق الفطري هستين بابت ابتدائي نوعيت جو نظريو قائم ٿيل آهي، جن کي اسين بجا طور ديوتائون سڏي سگهون ٿا. تہ ان حالت ۾ اسين تاريخي حقائق جي نزديڪ تر رهنداسون، حالانڪ ان حالت ۾ به سندن "ديوتائن جو تصور" مڪمل طرح اهو ڪونهي، جيڪو ان لفظ مان اڄ اسين سمجهون ٿا. اهو ابتدائي نظريو، غالبا فڪر جي انهيءَ ابتدائي نقطي جو مظهر آهي، جنهن مان تهذيب يافته قومن آهستي آهستي خدا جي متعلق پنهنجو اعليٰ نظريو قائم ڪيو آهي، ۽ جيڪڏهن اسين مذهبي واڌاري ۽ ترقيءَ جي سچيءَ تاريخ جي تحقيقات ڪري سگهون، تہ شايد معلوم ٿي وڃي تہ خدا جي متعلق اسان جي نظريي کي جيڪا سوچ ۽ فڪر جي زنجير وحشيءَ جي نظريي سان وڃي ملائي ٿي، سا ڪنهن لاڳيتي ۽ غير منقطع آهي.

انهن سمجهاڻين ۽ چتائن کان پوءِ، آءٌ هينئر ڪن اهڙن ديوتائن جا مثال پيش ڪندس، جن جي متعلق سندن پوڄارين جو اهو اعتقاد هو تہ انهن جو ڪن ماڻهن، مردن خواه عورتن، جي جسمن اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسو هو. جن ماڻهن ۾ ڪنهن ديوتا جو واسو موجود سمجهيو ويندو آهي، سي هروڀرو هرحالت ۾ بادشاه يا بادشاهن جو اولاد ڪونہ هوندا آهن، اهو موهوم واسو نيچ ۾ نيچ طبقي جي ماڻهن ۾ ڏي سگهي ٿو. هندستان ۾، مثال طور، هڪ اهڙي ديوتا روپ انسان ڪهڙ جي رنگريز جي حيثيت ۾ زندگيءَ جو آغاز ڪيو، تہ هي واڍي جي پٽ جي حيثيت ۾، ان ڪري آءٌ پنهنجا مثال رکيو. شاهي خاندان جي شخصيتن مان ڪونہ ڏيندس، چوتہ آءٌ زنده ماڻهن جي ديوتائي حيثيت جي عام اصول، يعني ديوتائن جو انساني جسمن اندر واسو ڪرڻ واري اصول، جي وضاحت ڪرڻ گهران ٿو. وحشي معاشري ۾ اهڙن ديوتا-روپ ماڻهن جا عام جام مثال موجود آهن. ديوتا جو واسو عارضي ۽ ڏي سگهي ٿو ۽ دائمي ۽. اول الذڪر حالت ۾ واسو ڪندڙ ديوتا ـ جنهن حالت کي عام طور پُر ڏيڻ (*Possession*) يا وجد ۾ اچڻ (*inspiration*) سڏيو ويندو آهي ـ پنهنجيءَ موجودگيءَ جو اظهار فوق الفطري علم جي صورت ۾ ڪندو آهي ۽ ٿم فوق الفطري قوت جي صورت ۾. بين لفظن ۾ ڪٿي ڇڪجي تہ عام طور ان جي اظهار جي صورت ڪجهين ڪالهين پڌاڻ ۽ پيشينگوئين ڪرڻ جي هوندي آهي ۽ ڪنهن ڪراماتن ۽ معجزن جي. ان جي برعڪس، جڏهن ديوتا جو واسو محض عارضي نوعيت جو ڪونہ هوندو آهي ۽ ديوتائي روح مستقل طور انساني جسم اندر پنهنجو قيامگاه بڻايو هوندو آهي، تڏهن اهڙي ديوتا-انسان کي پنهنجي نوعيت ثابت ڪرڻ لاءِ معجزن ۽ ڪراماتن ڏيکارڻ لاءِ ڇيو ويندو آهي. هن باري ۾ فقط اها گاله ياد رکڻ گهرجي تہ خيال جي هن منزل تي ماڻهو ڪراماتن ۽ معجزن کي قدرت جي قانون جي خلاف ورزي نہ ٿا سمجهن. قدرتي قانون جي وجود کان بيخبر وحشي، ان جي پڇاڙيءَ جو خيال ۽ نہ ٿو ڪري سگهي. هن لاءِ معجزو فقط عام طاقت جو هڪڙو غير معمولي جلو اظهار آهي.

عارضي واسي ۾ اعتقاد دنيا جي ڪنڊڪڙ ۾ موجود آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ماڻهن ۾ سمجهيو ويندو آهي ته ڪو ديوتا يا روح وقتي وقتي اچي واسو ڪيندو آهي ۽ جيستائين ان جو اثر قائم رهندو آهي، تيستائين ماڻهن جي پنهنجي شخصيت پس پرده رهندي آهي، روح جي موجودگي واسطيدار ماڻهوءَ جي جسم جي ڏڪڻ ۽ آکڙجڻ، ٻي معني ۾ اشارن ۽ وحشت پريون نظرن مان ظاهر ٿيندي آهي، جي سڀ جيزون انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن نه پر ان روح ڏانهن منسوب ڪيون ويندڙ آهن، جو انهيءَ جي جسم اندر داخل ٿي چڪو هوندو آهي ۽ انهيءَ غير معمولي حالت ۾ جهن جي سڀني ڳالهين ڪي انهيءَ ديوتا يا روح جو آواز تسليم ڪيو ويندو آهي، جو ان ۾ مقرر هوندو آهي، ۽ سندس وسيلي ڳالهائيندو ٻولهائيندو آهي، چانچي، مثال طور، سنڊوچ ٻيٽ ۾ بادشاهه ديوتا جو ڪردار ادا ڪندي، پنهنجي ڪنهن اڻن جي غفير ڇاريءَ سان غيب متعلق سوالن جا جواب ڏيندو هو، ۽ پسفڪ سمنڊ جي جنوبي جزيرن ۾ ديوتا "اڪثر اوقات پوجاريءَ ۾ اچي سمائيو هو، جو ان جي ديوتائي عظمت ۽ پوئتڻ سان ڄمار ٿي، پنهنجي انساني حيثيت ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندو هو ۽ ان اڻڄاڻي نموني سان جيئندو پيئندو ۽ ڳالهائيندو ٻولهائيندو هو، جڏهن ته هو مڪمل طور ان فوق الفطري طاقت جي زير اثر ۽ زير اختيار هوندو هو، انهيءَ ڳالهه ۾ هولينيشيا وارن جي ابتدائي قسم جي عبدائن ۽ قديم يونان جي مشهور و معروف ۽ بين تهذيب يافته قومن جي تجربيڪار عبدان ديوتائن جي درميان واضح مشابهت هئي، جڏهن ديوتا پوجاريءَ جي جسم اندر داخل ٿيل سمجهيو ويندو هو، تڏهن منجهس بيحد بي آرامي ۽ بيتابي ڪوهه ڏيندي هئي، ۽ هو پاڻ کي ظاهري ديوانگيءَ ۽ غضبناڪ جي انتهائي حد تائين وڃي پهچائيندو هو، سندس سڀني غضون جا پڻ ۽ مشڪون آکڙيل نظر ايندڙ هيون، بدن ڏڃي ويندو هو، چهرو غضبناڪ مهانڊا بگڙيل ۽ اکيون قاتل ۽ هيبتناڪ ٿي پونديون هيس، اهڙيءَ حالت ۾ هو گهٽو ڪري زمين تي ليٽڻ پائيندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات سان گڏي نڪرندي هيس ۽ ائين معلوم ٿيندو هو جڻ ته هو انهيءَ ديوتا جي زير اثر ڪا مارڪائي رهيو هو، ۽ هوءَ رڪي رڪي ڪڏهن خوفناڪ چيخون ڪري ته ڪڏهن گول مول ۽ ڇرپرل آواز ۾ ڳالهائي، هو انهيءَ ديوتا جي مرضيءَ جو انڪشاف ڪندو هو. جيڪي پوجاري ان وقت سندس خدمت ۾ حاضر هوندا هئا ۽ انهن اسرارن ڪان واقف هوندا هئا، اهي هي ديوتائي پيغام ۽ اعلان ٻڌي، ماڻهن تائين پهچائيندا هئا. جڏهن پوجاري انهيءَ غيبي هستيءَ جو پيغام وات مان ڪڍي پورو ڪيو هو، تڏهن هن جو آڪڙجڻ آهستي آهستي گهٽ ٿيندو ويندو هو ۽ نسبتاً سڪون ۽ آرام ملي ويندو هوس. بهرحال جڏن ئي، ديوتا جو پيغام ماڻهن تائين پهچي ختم ٿي ويو، تڏن ئي ديوتا هن کي چڏي نه ويندو هو، ڪن وقتن تي اهو روح يا ديوتا سا ڪٿي ئي 'تارا' يا پوجاريءَ کي ٻن يا ٽن ڏينهن تائين ڪونه چڏيندو هو. اهڙي وقت مقامي ساخت جي هڪ خاص ڪهڙي جو لڪر 'ورتل' ماڻهوءَ جي هڪ پاڻهن سان ٻڌو ويندو هو، جنهن کي ڏسي هرڪو سمجهي ويندو هو ته انهيءَ ماڻهوءَ ۾ ديوتا يا روح جو واسو آهي. انهيءَ عرصي جي دوران ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جي سيني ڪمن کي ديوتا جا ڪم سمجهيو ويندو هو، جنهنڪري هن جي هر اشاري ۽ ادا کي ڏاڍي خيال سان ٻڌو ويندو هو..... جڏهن 'اروهيا' (ديوتا جي زير اثر) هوندو هو، تڏهن پوجاريءَ کي هميشه اهڙو ئي پاڪ سمجهيو ويندو هو، جهڙو ديوتا کي، ۽ انهيءَ عرصي ۾ کيس 'اتوتا' سڏيو ويندو هو، حالانڪ ٻين وقتن تي کيس فقط 'اتارا'، يا محض 'پوجاري' ڪوئيو ويندو هو."

عارضي وجد جا مثال دنيا جي هرهڪ حصي ۾ ايتريقدر عام جام آهن ۽ هينئر قديم قومن متعلق لکيل ڪتابن ذريعي انهن مان هرڪو اهڙو ته واقف ئي چڪو آهي، جو عام اصول جي تشريح طور وڌيڪ مثال پيش ڪرڻ غير ضروري آهي. بهرحال اهڙي عارضي وجد پيدا ڪرڻ جي ٻن خاص ذريعن جو ذڪر ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موزون ڏيندو، جو تہ اهي شايد ٻين جي مقابلي ۾ گهٽ مشهور آهن ۽ اڪثر هلي آسان کي انهن جي حوالي ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي. انهن ٻن ذريعن مان هڪ قربان ٿيل جانور جي تازي ۽ گرم رت پيئڻ جو آهي. آرگوس ۾ اپولو ڊائريڊيئوٽس جي مندر ۾ هر مهيني رات جو هڪ ريڍ قربان ڪئي ويندي هئي، هڪ عورت جنهن کي "پاڪبازيءَ جي قانون" جي پيروي ڪرڻي پوندي هئي، انهيءَ ريڍ جو رت پيئندي هئي، ۽ پيئڻ سان وجد ۾ اچي، هوءَ پيشينگوئيون ڪندي هئي يا غيب جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. اشائيا ۾ ايئيگيرا وٽ "ڏرتيءَ" جي پوڄاريءَ ڏکي جو تازو رت پي، هيٺ غار ۾ لهي ويندي هئي، جتي هوءَ پيشينگوئيون ڪندي هئي. ساڳيءَ طرح ڪُرويوڪرن قبيلي وارن ۾، جي جنوبي هندستان جا شڪاري يا فقير آهن، ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ڪالي ديوي پنهنجي پوجاريءَ ۾ اچي واسو ڪندي آهي، ۽ هو پجاريءَ جي وڏيل ڪچيءَ مان وهندڙ تازي رت جي سير پيئڻ کان پوءِ غيب جي باري ۾ جواب ڏيندو آهي. اترسياليس ۾ دمنهاسا جي آلفور قبيلي وارن جي هڪ تقريب ۾ هڪ سوئر ذبح ڪيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ انهن جو پادري نهايت تيزيءَ سان ان ڏانهن ڊوڙندو ويندو آهي ۽ ان جي لاش ۾ منهن وجهي هن جو رت پيئندو آهي. ان کان پوءِ هن کي زوريءَ اتان گهلي هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريو ويندو آهي، جتي هو اهي پيشينگوئيون ڪندو آهي تہ ان سال سارين جو فصل ڪيئن ٿيندو وغيره. وري هڪ دفعو ٻيهر هو ذبح ٿيل سوئر جي لاش ڏانهن ڊوڙندو آهي ۽ ان جو رهيو کهيو رت پيئندو آهي، وري ٻ ڪيس گهلي ساڳيءَ ڪرسيءَ ۾ آڻي ويهاريو ويندو آهي، جتي هو پنهنجين اڳڪٿين جو سلسلو جاري رکندو آهي. ائين سمجهيو ويندو آهي تہ منجهس اهڙو روح سمايل آهي، جنهن کي پيشينگوئين ڪرڻ جي طاقت آهي.

عارضي وجد آڻڻ جو جيڪو ٻيو طريقو استعمال ڪيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سو هڪ مقدس وڻ يا ٻوٽي کي ڪر آڻڻ جو آهي. چنانچہ هندو ڪش جبلن ۾ مقدس صندل جي وڻ جي ڳارين جي ٻاهه ٻاري ويندي آهي، ۽ "دينيال" يا اڪيتين ڪرڻ واري هڪ عورت، مٿي کي ڪپڙو ٻڌي، انهيءَ تيز خوشبودار دونهين کي، نڪ ۽ واتڙن ۾ چڪيندي آهي. ڄان جو هن جو جسم آڪڙجڻ شروع ٿيندو آهي ۽ هوءَ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پوندي آهي. جلد ئي هوءَ الٽي ڪڙي ٿيندي آهي ۽ تيز آواز ۾ عجب آلاپ شروع ڪندي آهي، جنهن سان حاضرين سڀ ملائيندا آهن. ساڳيءَ ريت اهوئي ديوتا جي پيشگوئين ڪرڻ واري پوجاري مقدس 'لارپل' جو ٻوٽو ڪائيندي هئي ۽ اڪيتين ڪرڻ کان پيشتر هن کي ان ٻوٽي جو دونهون ۽ ڏنو ويندو هو. اهڙيءَ طرح ٻيا نال قبيلي وارا 'آئوي' ٻوٽو ڪائيندا هئا ۽ سندن وجد جي جوش و خروش کي ڪي ماڻهو انهيءَ ٻوٽي جي جوش ۽ آٿيندڙ ۽ نشي آور خصوصيات جو نتيجو سمجهندا هئا. يوگندا جو پادري پاڻ تي وجد جي حالت طاري ڪرڻ لاءِ زور زور سان تماڪ جو پائپ چڪيندو آهي ۽ ڄان جو هو غصي ۾ ٻي قابو ڪي پوندو آهي. ۽ ان ڪان پوءِ هو جنهن ڪي اڪيدار ۽ جوشيلي آواز ۾ ڳالهائيندو آهي، سڀني کي ديوتا جو آواز سمجهيو ويندو آهي، جو ڪويا هن جي وسيلي ڳالهائيندو آهي. جاوا جي شمالي ساحل ٻرياڻ مدورا ٻيٽ ۾ هر مقدس روح کي اظهار لاءِ ٻنهنجو ٻنهنجو مخصوص ذريعو هوندو آهي. ۽ روح ڪهڙو ڪري مرد ڪان زياده عورت جي حيثيت ۾ ظهور پذير ٿيندا آهن. روح سان ڳنڍ ٿيڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ، عورت ڏوپ جي دونهين مٿان منهن جهلي اهو دونهون پيئندي رهندي آهي. آهستي آهستي مٿس هڪ قسم جي بيخودي طاري ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، جنهن سان گڏوگڏ هوءَ چيخون ڪندي آهي ۽ ڏند ڪيڙي زوردار چرڪ ڀريندي آهي. ان وقت روح مجسم داخل ٿيل سمجهيو ويندو آهي. ۽ جڏهن ڪجهه سڪون ۽ آرام اچندو آهي، تڏهن هوءَ جيڪي ڪجهه چوندي آهي، سو غيبي جو آواز سمجهيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ۽ سندس الفاظ منجهس سمايل. روح جا ڪيا ويندا آهن،
ان دوران ۾ هن جو پنهنجو روح عارضي طور غيرحاضر هوندو آهي.
عارضي وجد ۾ آيل ماڻهوءَ لاءِ نه فقط اهو سمجهيو ويندو آهي
ته ڪيس غيبي جاڻ حاصل هوندي آهي، ۽ ڪن خاص حالتن ۾
ڪڏهن ڪڏهن ڪين غيبي طاقت به حاصل ٿيل سمجهي ويندي
آهي. ڪئمبوڊيا ۾ جڏهن ڪا وچڙندڙ بيماري پکڙندي آهي،
تڏهن اتان جي متعدد ڪوڻن جا ماڻهو گڏ ٿي، دهلن دمامن سان
انهيءَ ماڻهوءَ جي ڪولا لاءِ نڪرندا آهن، جنهن کي مقامي ديوتا
پنهنجي واسي ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو هوندو آهي. آهڙو ماڻهو
جڏهن ملي ويندو آهي، تڏهن ان کي قربانگاه ڏانهن وٺي ويندا
آهن، جتي ان ۾ ديوتا جي واسي آڻڻ جو اسرار منعقد ڪيو ويندو
آهي. ان ڪان پوءِ اهو ماڻهو پنهنجي قوم جي بين ماڻهن لاءِ
قابل ستايش هستي ٿي پوندو آهي، جي ڪيس ڪوٺ کي انهيءَ منحوس
مرض جي مصيبت کان نجات ڏيارڻ لاءِ استدعا ڪندا آهن. اپوا
جي اهڙي مجسمي لاءِ جو منگنيشيا جي قريب هائلي وٽ هڪ
غار ۾ ٻيل هو، ائين سمجهيو ويندو هو ته اهو ماڻهن کي فوق البشري
قوت سان نوازيندو هو. پاڪباز ماڻهو، ان جي طاقت سان مخمور
ٿي، ڪرين جي اوچين چوٽين تان ٽپ ڏيندا هئا، ديون ڇوڙن
وٽن کي پاڙون پٽيندا هئا ۽ انهن کي پٽيءَ ٿي رکي تمام تنگ
لڪن مان لنگهندا هئا. وجد ۾ آيل درويش جا ڪرتب ۽
ڪارروائين جي اهڙي ئي ڪنهن قسم ۽ طريقي سان وابستہ
هوندا آهن.

هيسين تائين انسان ڏٺو ته وحشي فطرت تي ضابطي رکڻ جي
پنهنجي اهليت جي حد ۽ حساب جو احساس نه ڪندي، پاڻ ڏانهن
۽ بين ماڻهن ڏانهن کي اهڙيون قوتون منسوب ڪري ٿو،
جن کي هينئر انسان فوق الفطري سڏيون ٿا. ازانسواءِ انسان اهو به
ڏٺو آهي ته انهيءَ قسم جي عام فوق الفطريت کان علاوه، ڪن
ماڻهن ۾ ٿوري عرصي لاءِ ڪنهن ديوتائي روح جو واسو موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ويندو آهي، ۽ انهن کي عارضي طور ان روح جي جاڻ ۽ طاقت جو حامل سمجهيو ويندو آهي. اهڙن اعتقادن کان پوءِ آسانيءَ سان هڪڙو قدم وڌائي وسهي سگهجيَ ٿو ته ڪن ماڻهن ۾ مستقل طور ڪنهن ديوتا يا مقدس روح جو واسو رهي ٿو، يا ڪنهن غير مبين طرح هو اهڙي اعليٰ درجي جي فوق الفطري طاقت سان نوازيل ٿين ٿا، جو اهي ديوتائن يا خدائن جي صف ۾ شمار ٿين ٿا ۽ ڪين عبادت ۽ قرباني ۽ نڊ نذرانا پيش ڪرڻ لازمي بنجيو وڃن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انهن انسان ديوتائن جا ڪم خالص فوق الفطري يا روحاني فرض جي ادائگيءَ تائين محدود هوندا آهن، پر ڪن وقتن تي هو اعليٰ ترين سياسي اقتدار به هلائيندا آهن. پوئين حالت ۾ هو بادشاه سان گڏ ديوتائون ٿي هوندا آهن، ۽ شندن حڪومت مذهبي نوعيت جي هوندي آهي. چنانچه مارڪئيساس يا واشنگٽن پڻ ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو هو، جنهن کي شندن زندگيءَ ۾ ديوتائن جو درجو ڏنو ويندو هو. انهن لاءِ اهو اعتقاد وٺڻ هو ته هو قدرتي عناصر تي فوق الفطري اختيار هلائي سگهندا هئا، هو پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق برسوڙ فصل اپائي سگهندا هئا، ته ساڳئي وقت ڏرتيءَ کي بي ثمر بنائي ويران به ڪري سگهندا هئا، مرض يا موت ۾ به ماڻهن کي مبتلا ڪري سگهندا هئا. شندن غصي ۽ غضب کي ڏسي ڪڙ لاءِ ڪين انساني قربانيون ڏيون ويندیون هيون. اهڙا انسان ديوتائون گهڻي تعداد ۾ ڪونہ هوندا هئا، پر هرهڪ پٽ ۾ هڪ يا وڌ ۾ وڌ ۾ ضرور هوندا هئا، هو سڄي زندگي پر اسرار تنهائيءَ ۾ بسر ڪندا هئا، شندن اختيارين ۽ اقتدار هميشه نہ پر ڪڏهن ڪڏهن موروثي هوندو هو. هڪ (عيسائي) مبلغ اهڙن انسان ديوتائن مان هڪ جو بيان پنهنجي شخصي مشاهدي جي آڌار تي ڏنو آهي. اهو ديوتا ڪافي وڏيءَ عمر وارو شخص هو، جو هڪ وڏي حاطي اندر هڪڙي تنها گهر ۾ رهندو هو. گهر اندر هڪ قربانگاه هو، ۽ جاءِ جي شهتين ۽ ان جي چوڪر ٻيٽل وٺن تي ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڏن جا ٻوڙا اونڌا لٽڪيل هئا، حاطي الدار سواءِ الهن مالهن جي، جيڪي ديوتا جي خدمتگاريءَ لاءِ اريءَ ٻاهر هئا، کوڙ ٻيو ماڻهو داخل ٿي ڪونہ سگهندو هو، فقط اهڙن ڏينهن ٿي جڏهن ديوتا کي انساني قربانيون پيش ڪيون ويندیون هيون، رواجي مالهن کي حاطي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت مليل هئي. انهيءَ انسان- ديوتا کي ٻين سڀني ديوتائن کان زياده قربانيون ڏنيون ويندیون هيون. گهٽ وڌ ٿي هو پنهنجي گهر سامهون لڳڻ ۽ تختن مان ٺهيل عارضي تخت تي جڙهي ويهندو هو ۽ هڪ ٿي وقت ۾ ٻن ٻن، ٽن ٽن ماڻهن جي قرباني جو حڪم ڏيندو هو. اهڙيون قربانيون ڪيس همیشه ڏنيون ويندیون هيون، جو ته ماڻهو هن کان ٻي انتها ڪ بدا رهڻ سڄي ٻيٽ مان ڪيس مدد لاءِ پڪاريو ويندو هو ۽ هرطرف کان ڏانهنس نذرانا موڪليا ويندا هئا. وري ڏکڻ وڏي سمنڊ جي ٻيٽن متعلق ۾ عام طور اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هرهڪ ٻيٽ ۾ هڪ اهڙو ماڻهو موجود هوندو هو، جو "عظيم روح" جي نمائندگي ڪندو هو، يا ان جو شخصي مظهر هوندو هو. اهڙن ماڻهن کي "ديوتا" سڏيو ويندو هو ۽ سندن خوءِ خصلت کي "عظيم روح" جي خصلتن سان هم آهنگ سمجهيو ويندو هو. اهڙو انسان- ديوتا ڪڏهن ڪڏهن بادشاه پاڻ هوندو هو، پر اڪثر وقتن تي هو پادري يا ٻيو ڪو ماتحت سردار هوندو هو.

قديم مصري پنهنجي پرستش فقط ٻلين، ڪتن ۽ انهن جيڏن نندڙن هرڻن تائين محدود رکي بدران، اڪثر اوقات ماڻهن کي ۾ پنهنجيءَ عبادت جو مرڪز بڻائيندا هئا. اهڙن انسان- ديوتائن مان هڪ انابيس ڪوٺ ۾ رهندو هو، جنهن کي قربانگاهن تي سڀيل قربانيون پيش ڪيون ويندیون هيون. جنهن کان پوءِ ٿي، پورفائري (*Porhyry*) تاريخ نويس لکي ٿو- هو ڪاڏو ڪائيندو هو..... ۽ ائين ڪائيندو هو، جڏهن ته عام انسانن جهڙو هڪ رواجي فاني انسان هوا قديم زماني ۾ سسلي جي فيلسوف، ايمپيڊوڪلس، پاڻ کي نہ فقط جادوگر، پر ديوتا ۾ ظاهر ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، پنهنجن هم وطنن کي نظر ۾ خطاب ڪندي هن چيو: -
"اي دوستو، هن وڏي شهر ۾ (جو شهر چڙهندو پکڙجندو
وڃي ٿو،
ڏاڪڙ بجينئم جي پيلي پهاڙيتي)، اوهان جيڪي ٻيڪ ڪن کي
پنهنجو شيوو بڻايو ٿا،
جي آڇيو ٿا جنهين کي پناهگاهه، خاموش ۽ خوبصورت،
اوهان سڀئي شال خوش هجو اوهان جي وچ ۾ آ گيهان ٻو
عزت ۽ فخر سان،
هارن سان ڪڙيل هارن سان، اوهين منهنجي شانداز پشاني تي
تاج پهرايو ٿا،
اڄ ڪان، پوءِ هڪ فاني انسان ناهيان، بلڪ هاڻي تم آ هڪ
غير فاني ديوتا آهيان،
جتي ۾ آ، وجان ٿو، ماڻهو منهنجي چوگرد جمع ٿين ٿا ۽
منهنجي پوجا ڪن ٿا،
۽ هزارين پنهان اچن ٿا، بهتر طريقي سڪن جي ارادي سان،
ڪي آرزو ڪن ٿا اڪثرين جي نظارن جي، ڪي درد جو
ڏڪ ڪائي،
خوشي سان آئٽ جا الفاظ ٻڌڻ چاهين ٿا، ۽ وڏيڪ درد
سهڻ کان ٻوڙا آهن"
هو دعويٰ ڪندو هو ته هو پنهنجن چيلن کي طوفان برپا
ڪرڻ ۽ هوائن کي ساڪت ڪرڻ، مينهن وسائڻ ۽ سڄ کيڙ،
بيماري ۽ ڪراڙپ کي دفع ڪرڻ ۽ مڙدن کي زنده ڪرڻ جو
راز ٻڌائي سگهي ٿو. سنڌ ۾ قبل مسيح ۾ جڏهن ڊيمڪريس
پوليئورسيٽس ايٿنين جمهوريت کي ٻيهر قائم ڪيو، تڏهن ايٿنس وارن
کيس ۽ سندس پيءُ اينٽيگونس کي، جي پئي ان وقت زنده هئا،
ديوتائي اعزاز ڏنا ۽ کين "نجات ڏيندڙ ديوتائن" جو خطاب ڏنو.
انهن "نجات ڏيندڙن" جي ياد ۾ قربانگاهه تعمير ڪيا ويا ۽ سندن
پوجا پاٺ جي نظرداري ڪرڻ لاءِ خاص پوجاري مقرر ڪيا ويا. ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت گائيندا ۽ نچندا پنهنجي "نجات ڏيندڙ" سان ملڻ ويندا هئا، ۽ پاڻ سان گڏ هار، ڏوپ ۽ قرباني ۽ جا مشروبات کڻي ويندا هئا، گهڻين جي پنهنجي طرفن کان صفون پڌي بيهندا هئا ۽ اهڙا پڄن گائيندا هئا، جن جو مطلب اهو هوندو هو ته هوئي فقط سچو ديوتا هو، چو ته بيا سڀ ديوتائون ستل هئا، يا تمام دور رهندا هئا، يا بلڪل موجود ئي ڪونہ هئا. انهن جي همعصر هڪ شاعر جي الفاظ مطابق، جي سندن معتقد باهر پيلڪ ۽ خانگي طرح گهرن ۽ جهونگاريندا رهندا ها:

"سڀني ديوتائن کان زياده محبت لائق ۽ عظيم ديوتائون شهر ۾ آيا آهن، ڊيميٽر ۽ ڊيميٽريس، پنهنجي ڪڏي، قسمت اسان وٽ آندو آهي. هوءَ اچي ئي ڪناري ۽ جي دهشتناڪ رسمن منعقد ڪرڻ لاءِ، ۽ هو... خوشي ۽ ۾ مگن، خوبصورت ۽ ڪلندڙ، جئن هڪ ديوتا کي جڳائي. هڪ شاندار منظر آهي: سڀئي دوست هن جي آسپاس آهن، ۽ هو انهن جي وچ ۾، ۽ ستارن وانگر ۽ هي سج وانگر. پوسيڊان عظيم جا پونيئر، الفروڊائيٽ جا پونير، اوهين پلي ڪري آيا! ٻيا ديوتائون رهن ٿا اسان کان پري... يا ڪين ڪٽ ئي ڪينهن، يا ته اهي مرڪو آهن ئي ڪين، يا اسان جي پرواه ئي نہ ٿا ڪن. پر توکي اسين موجود ڏسون ٿا، تون ڪو ڪالي ۽ يا پٿر جو ديوتا ناهين، ۽ هڪ سچو ديوتا آهين، ان ڪري اسين تنهنجي پوجا ڪريون ٿا."

قديم جرمن ماڻهن جو اهو اعتقاد هو ته عورتن ۾ هڪ قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مقدس ذات آهي، ۽ ان کري هو انهن کان غيب جي خبرن ولڻ لاءِ مشورو طلب کندا هئا. انهن جون مقدس عورتون، جيڪي ٿورٿ درياهن جي ڪنڌن ۽ اوپارن وهڪرن ۾ اڪيلون وڃي ويهنديون هيون، ۽ پاڻيءَ جي مٿي ۽ سريلي آواز يا بادلن جي گجگوڙ تي ڪن ڏيئي ويهنديون هيون، ۽ انهن جي نظارن ۽ آوازن مان اڳڪٿيون ڪنديون هيون تہ چا ٿيڻ وارو آهي ۽ چا ٿيندو. پر گهڻي وقتن تي مردن جو عورتن لاءِ احترام انهيءَ حد کان ٻاهر وڌي ويندو هو، ۽ هو عورتن کي حقيقي ۽ زندهہ ديوين سمجهي، انهن جي پوڄا کندا هئا. مثال طور، ويسپيسين جي دور حڪومت ۾ بروڪٽيري قبيلي جي ويلڀا نالي هڪ عورت کي عام طرح ديوي ڪري سمجهيو ويندو هو، ۽ انهيءَ حيثيت ۾ هوءَ پنهنجن ماڻهن تي حڪومت هلائيندي هئي، دور دور تائين سندس حڪومت کي تسليم ڪيو ويندو هو. هوءَ رائين درياه جي هڪ شاخ، لپي، جي ڪناري تي ٽهيل هڪ ناري ۾ رهندي هئي. ڪولون جي باشندن جڏهن سائس معاهدي ڪرڻ لاءِ هن ڏانهن پنهنجا ايلچي موڪليا، تڏهن انهن سفيرن کي سندس حضور ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت ڪانہ ڏني ويئي. عهدناميءَ متعلق ناه جون ڀالهيون هڪ وزير جي توسل سان هلايون ويون، جنهن ديويءَ جي ترجمان جو ڪردار ادا ڪيو، ۽ سندس غيبي گفتن کي انهن تائين پهچايو. اهو مثال ڏيکاري ٿو تہ ڪهڙيءَ نہ آسانيءَ سان اسان جي ابن ڏاڏن جي خيال ۾ ديوتائي ۽ شاهي حيثيتون مليل جليل رهنديون هيون. جيو وجي ٿو تہ گينائي قوم وارن ۾ عيسوي سن جي ابتدا تائين همیشه هڪ اهڙو ماڻهو هوندو هو، جو پاڻ کي ديوتا جي شخصيت ڏيندو هو ۽ ماڻهو ان کي خدا سڏيندا هئا. هو هڪ مقدس جبل تي رهندو هو ۽ بادشاه جي مشير خاص جا فرض ادا ڪندو هو.

قديم زماني جي هڪ پورچوگيز تاريخ نويس، ڊ ويسڪانٽوس، جي قول مطابق، زمباس يا موزمباس قوم جا ماڻهو، جي ڏکڻ اوپر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفريڪا ۾ رهندا هئا، "بتن جي پوڄا ڪاتم ڪندا آهن ۽ نه ڪنهن ديوتا کي تسليم ڪندا آهن، پر ان جي بدران هو پنهنجي بادشاه جو احترام ڪندا آهن ۽ ڪيس ديوتا ڪري سمجهندا آهن، جنهن لاءِ چوندا آهن ته هو سچيءَ دنيا ۾ عظيم ترين ۽ بهترين آهي. مذڪور بادشاه پاڻ لاءِ چوندو آهي ته هو اڪيلوئي دنيا جو ديوتا آهي ۽ انهيءَ سبب ڪري جيڪڏهن سندس مرضيءَ خلاف مينهن وسندو آهي يا تمام گهڻي گرمي ٿيندي آهي، ته هو آسمان طرف سندس حڪم عدوليءَ جي خلاف تير اڇلائيندو آهي." ڏکڻ آفريڪا جي ماشونا قبيلي وارن پنهنجي عيسائي پادريءَ کي ٻڌايو ته ڪنهن زماني ۾ وڻن هڪ ديوتا هوندو هو، جنهن کي "ماتا بيلي" اتان پڇائي ڇڏيو هو. "اها پوئين ڪالهه هڪ عجيب و غريب رسم جي متعلق هئي ته جن ڪوڻن ۾ هڪ اهڙو ماڻهو مقرر ڪيو ويندو هو، جنهن کي هو پنهنجو ديوتا سڏيندا هئا. ماڻهو هن کان مشورو ولندا هئا ۽ ڪيس سوڪڙيون پاڪڙيون ڏينون ويندينون هيون. پراڻي زماني ۾ ماگونڊي سردار جي ڪوٽ ۾ هڪ اهڙو ديوتا رهندو هو. اسان کي تاڪيد ڪيو ويو ته ڪوٽ جي پرسان گوايون نه هلائجو، نه ته هو ڏاڍي ڏاڍي ويندوءِ." انهيءَ ماشونا قبيلي جي ديوتا کي اڳئين زماني ۾ ماتابيلي بادشاه جي خدمت ۾ جڻ ڪارن ڏاڻن ۽ هڪ ناڇ جي صورت ۾ ساليانو ڏڻ ڏيڻو پوندو هو. هڪ مبلغ انهيءَ ديوتا کي پنهنجي اکين سان شاهي جهوپڙيءَ اڳيان ناڇ ڪندي ڏٺو آهي ۽ ان جو بيان ڪيو آهي. "ڏن موتمار ڪلاڪن تائين، بغير ڪنهن ساهيءَ پٽڻ جي، تنبوري جي تانن، چنگ جي ڇڻڪار ۽ بي سري راڳ جي آواز تي، اهو سياه فام ديوتا هڪ درزيءَ وانگر چترن پر ويهي، سوئر وانگر ڳهر ۾ شرابور ٿي، اهڙيءَ چستيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ٽپندو ڪڏندو، هڪ وحشتناڪ ناڇ ۾ مصروف رهيو، جنهن مان هيو نه ته سندس ديوتائي ڏنگن جي طاقت ۽ لڇڪ جو ته بهترين ۽ عبرتناڪ ثبوت ملي رهيو هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي آفريڪا جي باگنڊا قبيلي وارا نيانزا ڏنڊ جي هڪ ديوتا ۾ اعتقاد رکندا هئا، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مرد يا عورت ۾ اچي واسو ڪندو هو. جنهن ماڻهوءَ ۾ ديوتا اچي گهر ڪندو هو، تنهن کان سڀ ماڻهو، جن ۾ اتان جو بادشاه ۽ سردار به شامل هوندا هئا، تمام گهڻو ڊڄندا هئا. جڏهن ڪنهن 'حال' پڄجي ۽ پوءِ ختم ٿي ويندو هو، تڏهن اهو ماڻهو (مرد يا عورت)، يا ڪٽي چڪجي ته اهو ديوتا، ڏنڊ جي ڪناري کان اڪثر ڏيڏ ميل ڪن پري هليو ويندو هو، جتي هو وري ٽئين ڏينهن جو انتظار ڪندو هو. جنهن کان پوءِ ٿي ڪيس پنهنجن مقدس فرض جي ادائگيءَ لاءِ معمور ٿيڻو هو. پوءِ انهيءَ گهڙيءَ کان وٺي جڏهن ٽئون ڏينهن پنهنجيءَ جهڪيءَ روشنائيءَ سان آسمان ۾ نمودار ٿيندو هو، بادشاه ۽ سندس سڄي رعايا انهيءَ ديوتا-انسان يا 'لوبيئر' (ديوتا)، جيئن عام طور ڪيس سڏيو ويندو هو، جا بنهه پانهن ٻڌا غلام بنجي بيهي رهندا هئا، ۽ ان جو حڪم انهن لاءِ نه فقط ايمان، اعتقاد ۽ مذهبي رسمن جي ادائگيءَ جي معاملن ۾، پر جنگ ۽ ملڪي پاليسيءَ جي باري ۾ به، حرف آخر جي حيثيت رکندو هو. غيب جي خبرن متعلق سائنس مشورو ڪيو ويندو هو، زبان مان هڪ لفظ ڪيڻ سان هو ماڻهن کي مرض ۾ مبتلا ڪري سگهندو هو، يا کين شفايابي ڏيئي سگهندو هو. ساڳيءَ طرح مينهن کي روڪي ڏڪار پيدا ڪري سگهندو هو. سندس مشوري وٺڻ وقت سندس حضور ۾ وڏا تحفا تحائف پيش ڪيا ويندا هئا. ٽئنگنيڪا ڏنڊ جي مغرب ۾ آوروٿا نالي هڪ وڏي علاقي جو سردار "پاڻ ڏانهن ديوتائن جون طاقتون ۽ احترام منسوب ڪندو آهي ۽ ڪيترن ڏينهن تائين گاڏي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ جو ڏونگ ڪندو آهي، ۽ ائين ظاهر ڪندو آهي ته کيس کائڻ پيئڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي، درحقيقت، هو اها دعويٰ ڪندو آهي ته هڪ ديوتا هڻڻ جي حيثيت ۾ هو کاڌي پيتي جي شين جي ضرورت محسوس ڪرڻ کان بلڪل بالاتر آهي، پر جي کائيندو آهي ته به فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کڏهن کڏهن مزي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪائيندو پيئندو ۽ تماڪ نوشي ڪندو آهي." گالا قوم وارن جي ڪا عورت جڏهن خانہ داريءَ جي ڪمن ڪارين ۽ فڪرن ڪٽڻين کان بيزار ٿيندي آهي، تڏهن هوءَ بي معنيٰ ۽ واهيات بڪ ڪرڻ ۽ پاڻ کي انتهائي ذليل ڪرڻ شروع ڪندي آهي. اِها ان مڙان "ڪالو" نالي مقدس روح جي نازل ٿيڻ جي علامت هوندي آهي، فوراً سندس مڙس ان اڪيان سجدو ڪندو آهي ۽ ان جي پوڄا ڪرڻ لڳندو آهي، ان کان پوءِ هوءَ زال جي "ذليل" لقب مان نہ سڏبي آهي، ۽ ڪيس "مالڪ" (*Lord*) سڏيو ويندو آهي. خانہ داريءَ جي سڀني فرضن کان ڪيس معافي ملي ويندي آهي، ۽ سندس پنهنجي مرضيءَ کي ديوتا جو قانون سمجهيو ويندو آهي.

لوٹانگو جي بادشاه جو سندس رعايا اهڙو احترام ڪندي آهي "جڏ تہ هو ديوتا آهي، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس 'سامبي' ۽ 'پانگو' جي خطابن سان سڏيندي آهي، جن جي معنيٰ آهي 'ديوتا'. انهن جو اعتقاد آهي تہ هو جڏهن چاهي، تڏهن ڪين مينهن ڏيئي سگهي ٿو، سال ۾ هڪ دفعو، ڊسمبر جي مهيني ۾، جڏهن اڏان جي ماڻهن کي مينهن جي ضرورت پوندي آهي، تڏهن اهي سڀ ڪنا ٿي ڪائنس برسات جي دعا پنهنجي لاءِ ولس ويندا آهن." انهيءَ موقعي تي راجا پنهنجي تخت تي بيهي آسمان ڏانهن تير چوڙيندو آهي، جي سندن خيال موجب مينهن آڻيندا آهن. سمباسا جي بادشاه لاءِ بلڪل ساڳئي قسم جون دعوائون ڪيون ويندیون آهن. ٿورائي سال اڳ، جڏهن ويٽن جي بادشاه جي مقدس حڪومت جو انگريز فوجن جي بحري ۽ بلوچستان دستن جي موتمار هٿيارن سبب خاتمو آيو، تڏهن هي بادشاه پنهنجي ملڪ ۾ هر خاص و عام جي پوڄا جو مرڪز هو. "هن لاءِ جيو وجي ٿو تہ هو هتي اهڙي اعليٰ عهدي جو مالڪ آهي، جنهن عهدي جهڙو ڪنٽولڪ يورپ ۾ پوپ جو عهدو ۽ نہ آهي، چو تہ هو نہ فقط هن ڏرتيءَ تي خدا جو نائب آهي، پر ذات خود خدا ۽ آهي، جنهن جي رعايا سندس انهيءَ حيثيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀر، سچتا ۽ پوچا ڪندي آهي، جيتوڻيڪ مون کي يقين آهي ته سندس اها پوچا محبت کان گهٽو نہ پر اڪثر خوف ۽ دهشت جي سبب ٿي ڪئي ويندي آهي." اڌها جي بادشاهہ نائيجر مهم جي انگريز ڪمانڊر ڪي، چيو ته "خدا مون کي پنهنجيءَ صورت مطابق بڻايو آهي ۽ آءٌ ۽ باقي خدا جهڙو ئي آهيان ۽ ۽ هن ئي سون کي بادشاه مقرر ڪيو آهي."

برما جو بادشاهہ ساڃين تائين هڪ نهايت ظالم بادشاه ٿي گذريو آهي، جنهن جي صورت مان ٿي سندس طبيعت جي سادرزاد وحشت جو عڪس نمايان هوئندو هو، ۽ جنهن جي حڪومت ۾ قدرتي موت ذريعي ايترا ماڻهو نہ مئا، جيترا جلادن جي هٿان مئا هئا. هن بادشاه جي دماغ ۾ هي خيال اچي سمايو ته هو فاني انسانن جي سطح کان بالاتر هو ۽ اهو اعزاز کيس خدا جي طرفان سندس متعدد نيڪ ڪارنامن جي نتيجي ۾ مليو هو. انهيءَ خيال مطابق، هن "بادشاه" جو خطاب ترڪ ڪيو ۽ ان کان اڳتي وڌي "ديوتا" ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. انهيءَ ارادي سان، گوتم ٻڌ جو نقل ڪندي، جنهن ديوتائي درجي حاصل ڪرڻ کان پيشتر شاهي محلات ۽ پنهنجي حرم جون مسرتون ترڪ ڪيون هيون، ساڃين ۾ محلات ڇڏي هڪ وڏي مندر جو رخ ڪيو، جو سندس سلطنت ۾ سڀني مندرن کان زياده عظيم الشان هو ۽ جنهن کي تعمير ڪرائڻ ۾ هو گهڻن سالن کان وڏي مصروف هو. ائي هن وڏن وڏن ٻوڌي ٻاون سان ڪانفرنسون منعقد ڪيون، جن ۾ هو ڪين ان گالهہ لاءِ آماده ڪندو رهيو ته ٻڌ جي قانون تي هلڻ لاءِ جيڪي پنج هزار سال مقرر ڪيا ويا هئا، سي هينئر گذري ويا هئا ۽ هو ئي هاڻ اهو ديوتا هو، جنهن جو، انهيءَ عرصي کان پوءِ، پراڻي قانون کي منسوخ ڪري، ان جي بجاءِ پنهنجي نئين قانون رائج ڪرڻ لاءِ ظهورو ٿيڻو هو. پر هن جي شرمندگيءَ ۽ ندامت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن ٻاون سان گهٽن ان جي بلڪل برعڪس خيالن جو اظهار ۽ عمل ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ ناامنديءَ ۾ سندس اڪتدار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس ۽ پاڪبازِ زندگيءَ جي بندشن ۽ رڪاوٽن کان جلد آجي ٿيڻ لاءِ سنڌس بي صبريءَ، جلدئي سنڌس دماغ ۾ ان ديوتا ٿيڻ جي خام خيال کي کڏي ڇڏيو، ۽ کيس موٽي پنهنجي محلات ۽ حرم ڏانهن وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. سيام جي بادشاه کي ”بلڪل ساڳيءَ طرح ديوتا ڪري پوجيو ويندو آهي.“ سنڌس رعايا کي هن جي منهن ۾ نهارڻ جو اختيار نه آهي، جڏهن به هو ڪٿان لنگهندو آهي، تڏهن هو ان جي آڏو سجدي ۾ اونڌا ٿي ڪري پوندا آهن، ۽ هن جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ وقت اهڙيءَ طرح گوڏن ڀر ويهندا آهن، جو سنڌن ٿوٿنيون زمين سان گسنديون آهن.“ سنڌس متلق جسم ۽ خصلتن لاءِ هڪ خاص، ٻولي مقرر ٿيل آهي، جا انهن سڀني کي استعمال ڪرڻي پوندي آهي، جي ساڻس يا سنڌس متعلق ڪجهه ڳالهائيندا آهن. خود اتان جي مقامي ماڻهن کي انهيءَ عجيب و غريب زبان تي حاوي ٿيڻ ۾ دقت پيش ايندي آهي. بادشاه جي مٽي جي وارن، پيرن جي ترين، بدن جي بوءِ، درحقيقت سنڌس جسم جي هرهڪ جز، ظاهريءَ ۽ باطنيءَ، کي خاص نالا ڏنل آهن. هو جڏهن کائيندو يا پيئندو، سمهندو يا گهمندو آهي، تڏهن انهن مان هرهڪ ڪم لاءِ جيڪو خاص لفظ مقرر ڪيل آهي، تنهن جي استعمال ٿيڻ مان معلوم ٿيندو آهي ته اهو ڪم بادشاه سلامت ڪري رهيو آهي ـ ۽ اهي لفظ ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ متعلق، استعمال ڪرڻ ڪيا ويندا آهن. سياسي ٻوليءَ ۾ ڪوبه اهڙو لفظ موجود ڪونهي، جنهن جي ذريعي بادشاه کان زياده عهدي، يا زياده اعليٰ رتبي ۽ شان واريءَ هستيءَ جو بيان ڪري سگهجي. عيسائي مبلغن کي جڏهن به خدا جي متعلق ڪجهه ڳالهائڻو هوندو آهي، تڏهن کين مجبوراً اهو لفظ استعمال ڪرڻو پوندو آهي، جو مقامي بادشاه لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي.

پر دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ شايد انسانن مٿان ديوتائن جي خوبين ۽ خصلتن جون نعمتون ايتريءَ سخاوت سان نازل نه ڪيون ويون آهن، جهڙيون هندستان ۾، ٻئي ڪنهن به هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاشري جي هر طبقي کي، بادشاهن کان ولي گنوارن تائين، ديوتائي خوءَ خصلت زياده وڌ ۽ مقدار ۾ ڪاڻ عطا ڪئي ويئي آهي. چنانچہ ٻوڌا قوم وارن ۾، جا جنوب هندستان ۾ نيلگري ٽڪرين تي آباد هڪ مالدار قوم آهي، واڙي کي پاڪ آستانو سمجهيو ويندو آهي، ۽ جيڪو گنوار انهيءَ واڙي جو ڪم ڪار ڪندو آهي، تنهن کي ديوتا تصور ڪيو ويو آهي. انهيءَ سوال پڇڻ تي ته ڇا ٻوڌا سورج جو سلام ڪندا آهن، انهن ديوتا گنوارن ڀان هڪ جواب ڏنو ته "ٻيا ته ويچارا ائين ڪندا آهن، پر آءٌ"، هن چاتي ٽوڪيندي چيو، "آءٌ ته پاڻ ديوتا آهيان! آءٌ چو سج کي سلام ڪريان؟" انهيءَ گنوار اڳيان هر ڪوئي، حتيٰ ڪ سندس ٻيءُ ٻه، سجدو ڪندو آهي ۽ هنن کي ٻ- ان کي هنن چيز ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جي همت ڪا ٿيندي آهي. هن کي ڪوبہ انسان سواءَ هڪ ٻئي گنوار جي، ڇهي ڪونہ سگهندو آهي؛ هو اهڙن ماڻهن کي، جي سائس مشورو ڪندا آهن، غيب جي خبر ڏيندو آهي، ۽ ان وقت هن جو آواز پنهنجو نہ پر ديوتا جو هوندو آهي.

ازانسواءَ هندستان ۾ "هر راجا کي زنده ديوتا کان گهٽ ڪونہ سمجهيو ويندو آهي". منوءَ جو لکيل هندن جي قانون جو ڪتاب ته اڃا ٻ اڪثي ويچي ٿو ۽ چوي ٿو ته "معصوم راجڪمار کي ٻ فاني انسان سمجهي گهٽ نظرن سان نہ ڏسڻ گهرجي، چو ته انساني صورت ۾ هو هڪ وڏو ديوتا آهي". ڪجهہ سال اڳ اوڙيسا ۾ هڪ قبيلي جو ذڪر ڪندا آهن ته اهو راڻي وڪٽوريا کي ان جي حياتيءَ ۾ پنهنجي وڏي ديوي ڪري پوڄيندو هو. اڄ ڏينهن تائين هندستان ۾ غير معمولي جسماني قوت، يا دليريءَ يا نام نهاد ڪرامتي طاقتن کان مشهور جيئرا جاگندا ماڻهو ديوتائن جي حيثيت ۾ ماڻهن جي پوڄا جي مرڪزن بڻجڻ جي امڪاني خطري ۾ هميشه مبتلا رهندا آهن. چنانچہ پنجاب جي هڪ قوم هڪ ديوتا جي پوڄا ڪندي هئي، جنهن کي اها "نڪل سين" سڏيندي هئي. اهو "نڪل سين" ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو، سواءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيبتناڪ جنرل نڪلسن جيءَ ۽ هن جنرل ڪيتريقدر ٻ پنهنجن پوچارين جي عقيدي کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ان ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو. جيئن هو ڪين زياده مارڻ لڳو، تيئن هن لاءَ سندن مذهبي احترام ۽ دپ ۾ اضافو ٿيندو ويو. گهڻو زمانو نہ ٿيو تہ بنارس جي هڪ مشهور ديوتا جو هڪ هندو شريفزادي، ۾ واسو ٿيو هو، جو "سوامي پاسڪرانندا جي سرسوتي" جي ونڊڙ نالي سان مشهور هو ۽ جنهن جا مهانڌا غير معمولي طور آنجهاني ڪارڊينل هٽنگ جهڙا هئا، بلڪ هوبهو ان سان ملندڙ هئا. سندس اکيون رحم ۽ قياس سان پريل انساني محبت سان چمڪنديون رهنديون هيون، ۽ سندس معتقد پوچاري ڪيس جيڪو ديوتائي اعزاز ڏيندا هئا، تنهن ۾ هو معصومانہ خوشي محسوس ڪندو هو.

چنچواد ۾، جو ازلهہ هندستان ۾ پوني کان ڏهہ ميل پري هڪ ننڍڙو شهر آهي، هڪ اهڙو ڪٽنب آباد آهي، جنهن لاءَ مرهٽن جي وڏي اڪثريت جو اهو اعتقاد آهي تہ انهيءَ خاندان جي هرهڪ پيڙهيءَ ۾ هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيندو آهي، جنهن ۾ هاڻيءَ جي متي واري ديوتا، گنپتيءَ، جو واسو هوندو آهي. اهو مشهور و معروف ديوتا سڀ کان اول گوشت و پوست جي صورت ۾ سنہ ۱۶۴۰ع ۾ پوني جي "مورابا گوسين" نالي هڪ برهمڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو هو، جنهن پرهيزگاريءَ، نفس ڪشيءَ ۽ عبادت سان 'نجات' حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندس پارسائيءَ جو ڪيس خوب انعام مليو. ديوتا بذات خود رات جو ڪيس خواب ۾ آيو ۽ وعدو ڪيائين تہ سندس (گنپتيءَ جي) مقدس روح جو ڪجهہ حصو وٽس، ۽ سندس نطفي ۾، ستينءَ پشت تائين رهندو. ديوتا جو اهو وعدو پورو ٿيو. مسلسل ستن پيڙهين کي، پيءُ وٽان پٽ کي ديوتا جي اها امانت ملندي رهي، ۽ هن انڊيريءَ دنيا ۾ گنپتيءَ جي نور جو ظهور ڪندي رهي. هن سڏي ديوتائي نسل جو آخرين وارث، جوهڪ ڏلهو ۽ ڪمزور اکين وارو ديوتا هو، سنہ ۱۸۱۰ع ۾ فوت ٿي ويو، ۽ ڏهہ ۽ ستين اپتريقدر تہ مقدس فرض هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ منڊر جي ملڪيت ۽ مال اسباب جي قيمت ايڏي وڏي هئي، جو برهمڻ انهيءَ ناقابل ذڪر نقصان جو اندازو ۽ خيال ڪري ئي نٿي سگهيا، جو گهٽيءَ کان محروم يا خالي رهي ڪري دنيا کي برداشت ڪرڻو ٿي پيو. چنانچ هنن اهڙي مقدس "ٽانءَ" جي ڪولا ڪري ان کي دستياب ڪيو، جنهن ۾ ديوتا جي روح ڏئين سر پنهنجو ظهورو ڏيکاريو هو، ۽ هي ديوتا جو روح خوش قسميءَ سان انهيءَ وقت کان وٺي اڄ تائين انهن مقدس "ٽانون" جي لاڳيتي سلسلي ۾ هلندو آيو آهي، ۽ "روحاني ڪفايت شعاريءَ" جي پر اسرار قاعدي مطابق، جنهن جي ڪارڪردگيءَ تي مذهبي تاريخ جي مطالعي جي سلسلي ۾ ڪيتري به ڪٿي ناراضگي ڏيکاريون، (حالانڪ ان کي تبديل به نه ٿا ڪري سگهون) هيءَ ڳالهه لازمي آهي ته هن زماني ۾ ديوتا-ماڻهو جيڪي معجزا ڏيکارينڌو، سي انهن معجزن جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت ڪا نه رکندا، جي پراڻي زماني ۾ هنن ديوتا-ماڻهن جا پيشرو ڏيکارينڌا هئا، ايتريقدر جو هيءَ روايت بيان ڪئي وڃي ٿي ته جديد دور جي بدڪار ۽ دنيٰت انسانن جي نسل کي گهٽي ديوتا صرف هڪ ئي نشانيءَ ڏيکارڻ جي خاطري ڏني آهي، اها هيءَ ته هر سال جنجواد ۾ جيڪي هزارين ماڻهو اچي جمع ٿيندا آهن، تن کي پيٽ ڀري ماني کارائي ڇڏڻ جي ڪرامت به واقعي سندس ئي ڪمال آهي.

هڪ هندو فرقي جو، جنهن جا بمبئي ۽ وچ هندستان ۾ گهڻيئي پوئلڳ آباد آهن، اعتقاد آهي ته ان جا مذهبي پيشوا، يا، سندن ولي ۽ مهاراج، ڪرشن ڀگوان جا نمائندا يا ڪن حالتن ۾ ان جا هن دنيا ۾ اوتار آهن، ۽ جيڪڏهن ته ڪرشن ڀگوان آڪاس مان اهڙن ماڻهن تي رحم جي نظر ڪندو رهي ٿو، جي هن دنيا ۾ سندس وارثن ۽ پنڊتن جون خواهشون پوريون ڪن ٿا، ان ڪري انهن ۾ پاڻ اوڀ ڪرڻ جي هڪ عجيب و غريب رسم جنم ورتو آهي، جنهن مطابق سندس وفادار پوڄاري پنهنجا جسم، جانيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ کان وڌيڪ پنهنجي دنيوي مال دولت ان جي پوڄ پنڌتن جي سپرد ڪندا آهن. زالن کي هن اعتقاد جي سڪيا ڏني ويندي آهي ته سندن ۽ سندن خاندانن جي سڀي خوشي انهن هستين سان ملي هڪ ٿي وڃڻ سان پراپت ٿيندي، جن ۾ انساني جسم ۽ ان جي حيواني خواهشن سان گڏوگڏ ديوتائي فطرت هڪ پُر اسرار نموني سان ملي رهي ٿي.

خود عيسائيت ۾ اهڙين افسوسناڪ نگهين جي رنگ ۾ رڱجڻ کان دائمي طور بچي نه سگهي آهي، درحقيقت ڪيترن وقتن تي ڪوڙن دعويدارن طرفان ان جي عظيم باني جي خدائي درجي جي مساوي يا ڪن وقتن تي ان کان به زياده منزل جي دعوائن سبب ان کي داغدار ٻڌايو ويو آهي. پي صدي عيسوي ۾ "مونٽانس دي فرائيجين" دعويٰ ڪئي هئي ته سندس هڪ جسم اندر ٽنهي خدائن - خالق، روح الله ۽ روح القدس - جو واسو هو. نه وري اهو ڪو اڪيلو مثال ۽ ڪنهن دماغي توازن وڃايل پاڳل جي بيجا ۽ فضول حجت هئي. اوائلي دور کان وٺي هن وقت تائين ڪيترن فرقن جو اهو يقين رهيو آهي ته نه فقط حضرت مسيح، پر خود خدا جو به هر ايماندار عيسائي ۾ واسو رهي ٿو ۽ هنن هڪڙي جي پوڄا ۽ خوشامد ڪري، اعتقاد ڪي ان جي پنهنجي آخرين منطقي نتيجي تائين وڃي پهچايو آهي. ٽرٽيولين لکي ٿو ته ڪارٿيج ۾ اي صدي عيسوي ۾ سندس هم مذهب مسيحي ائين ڪندا هئا، سينٽ ڪولمبيا جا معتقد ڪيس حضرت مسيح جو اوتار ڪري ڏيندا هئا. ائين صدي عيسوي ۾ ٽوليڊو واري ايلپانڊس، حضرت مسيح جو ذڪر ڪندي، چيو ته "هو ديوتائن ۾ هڪ ديوتا هو"، جنهن سان سندس مطلب هو ته سندس ايمان آڻيندڙ ۾ بلڪل اهڙي طرح ديوتائون هئا، جهڙي طرح حضرت مسيح. پاڻ ديوتا هو. آلبيجينسز ۾ به هڪڙي جي پوڄا ڪرڻ جو رواج عام هو، ۽ ٽولائوس وٽ ڪافرن جي شناخت ڪرڻ لاءِ چوڏهين صدي عيسوي جي اوائلي دور ۾ جيڪا تفتيش ڪئي ويندي هئي، تنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکاوٽن مان پر سوين جاين تي ان جي جهلڪ نظر اچي رهي آهي.

تيرهين صدي عيسويءَ ۾ هڪ اهڙو فرقو پيدا ٿيو هو، جيڪو پاڻ کي "آزاد روح جا پائر ۽ پيغمبرون" سڏائيندو هو. انهن جو ايمان هو ته ڪوبه ماڻهو، طويل ۽ اڻ ڏٺل ڏيان ڏرڻ سان، پاڻ کي خدا سان هڪ ناقابل فهم طريقي سان ملائي هڪ ڪري سگهي ٿو ۽ هو دنيا جي مسبب الاسباب ۽ "مقدس پيءُ" سان هڪ ٿي سگهي ٿو. ۽ جيڪو ماڻهو عروج کي پهچي خدا سان ملي هڪ ٿي ويو ۽ سندس نوراني جوهر ۾ جذب ٿي ويو، سو درحقيقت خدا جو جز ٿي ويو، گويا انهيءَ معنيٰ ۾ مفهوم سان هو خدا جو پٽ ٿي ويو، جنهن ۾ خود حضرت مسيح ان جو پٽ هو، ۽ اهڙيءَ طرح هو ماڻهوءَ ۽ خدا جي قانونن جي سزائن کان مستثنيٰ ٿي ويو. انهيءَ پرسڪون اعتقاد سبب اندروني طرح عروج کي پهچي، ظاهري شڪل و صورت ۽ چال چلت ۾ چريائي ۽ جنون جي مظاهري جي باوجود، اهي خود فريب مذهبي مجذوب در در ٻڪندا وتندا هئا، عجيب و غريب قسم جي پوشاڪ ۾ ملبوس ۽ شور و غل سان ماني پنندي، هر قسم جي ايمانداراڻ محنت و مشقت کان ڪاوڙ ۾ پرجي نفرت جو اظهار ڪندا هئا، ۽ الله کي خدائي ڏيان ۽ "روحن جي ابي" ڏانهن ماڻهوءَ جي روح جي عروج جي راه ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهندا هئا. سندن اهڙي سير و سياحت ۾ ڪيئي زالون سندن پٽيان رلنديون رهنديون هيون، جن سان هو انتهائي حجاڻتي نموني سان زندگي گذارينداهئا. انهن مان جيڪي سمجهندا هئا ته انهن بالاتر روحاني زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي آهي، سي پنهنجن ميڙن ۽ مجمعن ۾ ڪپڙن پائڻ جي بلڪل ضرورت کان سمجهندا هئا، شرافت ۽ حياءَ کي هو اندروني ڪدورت ۽ اهڙي روح جي خصوصيت سمجهندا هئا، جو اڇا تائين گوشت و پوست جي پيڙي ۾ قيد هو ۽ خدائي روح سان، جو ان جو مرڪز ۽ سرچشمو هو، اڇا تائين همڪلام ۽ هم آهنگ ڪونه ٿيو هو. ڪن موقعن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن انهيءَ پر اسرار محويت جي رفتار ۽ مذهبي محتسب کورٽن سبب پاڻ زياده تيزي واقع ٿيندي هئي، جڏهن هونءَ فقط ظاهر ظهور سکون سان، ۽ مسرت ۽ خوش مزاجيءَ جي انتهائي کامران جذبات سان، انهن کورٽن جي فتوائن موجب، باه جي سچ ۽ ٽهي سڙي مري ويندا هئا.

سنہ ۱۸۳۰ع ڌاري آمريڪن يونين جي ڪينٽڪي رياست ۾ هڪ اهڙو ڪذاب پيدا ٿيو هو، جنهن اعلان ڪيو هو ته هو خدا جو پٽ ۽ انسان ذات جو بچائيندڙ هو، ۽ هو زمين تي دوباره گنهگارن، ڪافرن ۽ ظالمن کي پنهنجي فرض ڏانهن متوجه ڪرڻ لاءِ آيو هو. هن احتجاج ڪيو ته جيڪڏهن هنن مقرر وقت اندر پاڻ ۾ اصلاح نه آندي ته هو اشارو ڏيندو ۽ هيءَ دنيا هڪ لحظي اندر ٻُري ٻرڻا ٻرڻا ٿي ويندي. هن جي انهن فضول دعوائن کي تڏهوڪن دولتمند ۽ بااثر طبقي جي ماڻهن گهڻي قدر قبول ۾ ڪيو هو. آخرڪار هڪ جرمن باشندي نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان ٽئين مسيحا جي حضور ۾ عرض ڪيو ته هو انهيءَ خطرناڪ تباهيءَ جي خبر سندن هموطنن کي جرمن ٻوليءَ ۾ ٻڌائي، چوته هو انگريزيءَ کان ناآشنا هئا، ۽ اهو وڏو ناحق ٿيندو، جو محض انهيءَ سبب ڪري هو تباه ۽ برباد ٿي وڃن. مستقبل جي انهيءَ نجات ڏيندڙ ڏاڍيءَ سچائيءَ ۽ فراخدليءَ سان پنهنجي مجبوريءَ جو اعتراف ڪيو، ۽ چيائين ته هو جرمن ٻوليءَ کان ناواقف هو. "چا!" جرمن معتقد غصي ۽ حيرت وچان پڇيو، "تون خدا جو پٽ ٿي ڪري، سڀ ٻوليون نه ٿو ڄاڻهائي سگهين — ٻيون ته ڇڏيو ۾ جرمن ٻولي به نه ٿو ڄاڻهائي سگهين؟ چڏ، چڏ، تون بدمعاش آهين، ٺوڪي آهين ۽ پاڪل آهين. بيت الحم ٿي تنهنجي لاءِ موزون مقام آهي." تماشائين ۾ اچي ڪل پيئي ۽ هو پنهنجيءَ پورڙائيءَ تي شڪي ٿيندا گهر هليا ويا.

ڪڏهن ڪڏهن ديوتا جي انساني اوتار جي مرڻ تي ساڳيو ديوتائي روح ٻئي ماڻهوءَ ۾ تحليل ٿي ويندو آهي. تاتار جا ٻوڌي اهڙيءَ طرح متعدد زنده ٻڌن ۾ اعتقاد رکندا آهن، جي مشهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و معروف ٿوڏي مندرن ۾ معزز لاما جي حيثيت ۾ حڪم هلائيندا آهن. انهن معزز لامائن مان جڏهن به ڪو مرندو آهي، تڏهن ان جا پوئلڳ ماتم ڪرڻ ڪندا آهن، ڇو ته کين خبر هوندي آهي ته هو جلد ئي وري ظاهر ٿيندو. ۽ پري اوري، ڪٿي نه ڪٿي، نئين چاول ٻار جي صورت ۾ جنم وٺندو. کين فقط انهيءَ ٻار جي جنم واريءَ جاءَ ڳولڻ ۾ دشواري پيش ايندي آهي. جيڪڏهن اهڙي وقت هو آسمان ۾ انبلٽ ڏسندا آهن ته هو ان کي نئين چاول معصوم لاما جي پينگهي تائين سندن رهنمائيءَ لاءِ سري ويل لاما طرفان موڪليل نشاني سمجهندا آهن. ڪن وقتن تي اهو معصوم ديوتا پنهنجي شناخت پاڻ ڪرائيندو آهي. "آءٌ ئي معزز لاما آهيان"، هو چوندو آهي، "فلاڻي يا فلاڻي مندر جو زنده ٻڌ. مون کي پنهنجي پراڻي مندر ڏانهن ولي هلو. آءٌ ان جو لافاني سرڪردو آهيان". ٻڌ جي جنم جي جاءِ، بهرحال ڪنهن طريقي سان معلوم ٿي ويندي آهي- ٻڌ جي پنهنجي شهادت وسيلي، خواه ڪنهن آسماني نشانيءَ وسيلي، ۽ هر صورت ۾ لاما جي تلاش لاءِ تنبو نصب ڪيا ويندا آهن ۽ خوشيءَ ۾ پريل زائرين بادشاه يا شاهي خاندان جي ڪنهن معزز شخص جيُ سرڪردگيءَ هيٺ معصوم ديوتا کي ڳولڻ ۽ ان کي ولي اچڻ لاءِ سفر تي نڪرندا آهن. اهو معصوم ديوتا گهٽوڪري ٻيٽ ۾ جنمندو آهي، جا ٻوڌين جي مقدس سر زمين آهي، ۽ ان تائين پهچڻ لاءِ، قافلي کي ڪيترن وقتن تي نهايت خطرناڪ ۽ پوائتن ريگستانن کي پار ڪرڻو پوندو آهي. آخرڪار جڏهن اهو ٻار هٿ چڙهندو آهي، تڏهن هو ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پوندا آهن ۽ ان جي پوجا ڪندا آهن. پر هن کي معزز لاما جي حيثيت ۾ تسليم ڪرڻ کان اڳ، جنهن جي کين جستجو هوندي آهي، هٿ آيل لاما کي پنهنجيءَ سچائيءَ متعلق هنن کي مطمئن ڪرڻو پوندو آهي. هن کان انهيءَ مندر جو نالو دريافت ڪيو ويندو آهي، جنهن جي پيشوائيءَ جي هو دعويٰ ڪندو آهي، اهو آتان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري مفاصلي تي واقع آهي ۽ ان ۾ ڪيترا ٻاوا رهندا آهن، هن ڪي مرحوم معزز لاما جي عادتن ۽ سندس موت جي نموني جو بہ بيان ڪرڻو پوندو آهي. هن جي آڏو متعدد شيون، جهڙوڪ عبادت جا ڪتاب، چانهہ جون ڪيٽليون ۽ پيالا رکيا ويندا آهن، ۽ ڪيس انهن شين ڏانهن اشارو ڪرڻو پوندو آهي، جي هن اڳئين جنم ۾ استعمال ڪيون هونديون. جيڪڏهن هو بنان ڪنهن غلطيءَ جي اڳين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، تہ سندس دعويٰ کي تسليم ڪيو ويندو آهي، ۽ ڪيس فتح و ڪامرانيءَ سان مندر ڏانهن ڪڍي ويندا آهن. سيني لامائن جو اڳواڻ لاسا وارو ڏلائي لاما آهي، جنهن شهر کي ٿيٽ جو روم سڏيو ويندو آهي. ڪيس زنده خدا تصور ڪيو ويندو آهي، ۽ مرڻ کان پوءِ سندس خدائي ۽ لافاني روح ڪنهن نہ ڪنهن ٻار جي ذريعي دوباره جنم ولندو آهي. ڪن روايتن مطابق ڏلائي لاما کي ڳولڻ جو طريقو ساڳيو ئي رواجي. معزز لامائن کي ڳولڻ وارو آهي، جنهن جو اسان اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي. ٻين روايتن ۾ سوني برتن مان ٻُڪن ڪڍڻ جي طريقي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جتي بہ هو چمندو آهي، اتي وڻ ۽ ٻوٽا ساوا ٿي ڪڍندا آهن، هن جي حڪم تي گل ڦڙي پوندا آهن، ۽ پاڻيءَ جا چشما ڦٽي نڪرندا آهن، ۽ هن جي موجودگيءَ سبب بهشتي برڪتن جي بارش ٿيندي رهندي آهي.

پر انهن علائقن ۾ فقط اهوئي ماڻهو ناهي، جو ديوتا هٿ جي دعويٰ ڪري ٿو. "چيني سلطنت جي سيني اهڙن ماڻهن جو، جن ۾ ديوتائن جو واسو هوندو آهي، خاص رجسٽر 'لي فان يوئان' يا پيڪنگ واريءَ ڪلونيل آفيس ۾ رکيل آهي. جن ماڻهن اهڙو ليسن ڪڍايو آهي، تن جو تعداد هڪ سو سٺ آهي. ٿيٽ تي انهن سان ٿيهن جون برڪتون نازل ٿيندڙ آهن، اتر منگوليا اٺويهن جي نعمت سان سرشار آهي ۽ ڏکڻ منگوليا ستونجاه ديوتائن جي نور سان منور آهي. چيني حڪومت پنهنجي رعيت جي ڀلائيءَ خاطر پدرانہ فڪرمنديءَ سبب رجسٽر ۾ داخل ٿيل ديوتائن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيبٽ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ هنڊ نٿين جنم ونڻ کان منع ڪئي آهي. هن کي انديشو هوندو آهي ته متان منگوليا ۽ ڪنهن ديوتا جو جنم منگولين جي ستل حب‌الوطنيءَ ۽ جنگجوياڻ جذبي کي بيدار ڪري سنگين قسم جا سياسي نتيجا پيدا ڪري ۽ اهي شاهي گهراڻي جي ڪنهن آرزومند ديوتا جي چوڌاري جمع ٿي ۽ پنهنجا سر ترين ٿي رکي. تلوار جي زور تي ان لاءِ روحاني حڪومت سان گڏ هن دنيا جي فاني حڪومت ۾ حاصل ڪري وڃن. ۽ انهن پهلڪ يا ليسن بردار ديوتائن کان علاوه، ڪيتراڻي ڄانگي نندڙا ديوتائون، يا بغير ليسن ۽ ناجائز ديوتائي تجارت جا واپاري ۾ آهن، جي ڪنڌ پاسي ويهي يا پاسيرين جاين تي پنهنجا آستانا بنائي ماڻهن کي وينا معجزا ڏيکارينداآهن ۽ دعائون ڪندا آهن، گذريل چند سالن کان ولي چيني حڪومت ٽيبٽ کان باهر اهڙن خسيس ديوتائن جي ٻئي جنم ونڻ کي نظر انداز ٻئي ڪيو آهي. بهرحال انهن جي جنم کان پوءِ، حڪومت متن ۽ پين سڀني جائز توڙي ناجائز ديوتائي مدعين تي سخت نظرداري ڪندي آهي. ۽ جيڪڏهن ڪوبه ڪا حرڪت ڪندو آهي، ته ان کي هڪدم سندس درجي کان هٽائي، ڪنهن دوردراز مندر ڏانهن تبديل ڪيو ويندو آهي. ۽ ڪيس دوباره انساني صورت ۾ جنم ونڻ کان سخت منع ڪئي ويندي آهي."

وحشي معاشرن ۾ بادشاهن کي جيڪا مذهبي پوزيشن حاصل هوندي آهي، تنهن جي جائزي ونڻ سان اسين اهو انومان ڪري سگهون ٿا ته مصر، ميڪسيڪو ۽ پيرو جهڙين عظيم تاريخي سلطنتن جي فرمانروائن، جن ديوتائن ۽ فوق‌الفطري طاقتن جي دعويٰ ڪئي هئي، تن جي اها دعويٰ ڪا محض ذاتي غرور ۽ تڪبر جي ڪوند يا محض ماڻهن طرفان ٿيندڙ سندن ذليل خوشامد جي اظهار جو نتيجو ڪانه هئي، اها ته رڳو زنده بادشاهن کي ديوتائن جي درجي ڏيڻ جي قديم وحشي اعتقاد ۽ عمل جي باقياتي ۽ اضافي صورت هئي. چنانچه، مثال طور، سورج ديوتا جي اولاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حيثيت ۾ پيروءَ جي انڪا بادشاهن کي ديوتائن وانگر پوجيو ويندو هو، اهي ڪنهن به سهوَ ۽ غلطي کان بلند ۽ بالاتر هئا، ۽ کوڙ انهن حڪمرانن يا شاهي قبيلي مان ڪنهن جي به جسم، عزت يا ملڪيت جي خلاف ڪنهن ڏوهه ڪرڻ جو خواب ۾ به خيال ڪونہ آڻي سگهندو هو. ان ڪري ئي هي انڪا بادشاهه عام ماڻهن جي برخلاف، پنهنجي بيماريءَ کي پاڻ لاءِ ڪابه مصيبت ڪانہ سمجهندا هئا. اهي ان کي پنهنجي پيءُ، سورج ديوتا، جو پيغامبر سمجهندا هئا، جو ڪين ان ڏانهن آرام ڪرڻ لاءِ آسمان ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ آيو هو. ان ڪري جن دستوري لفظن ۾ هڪ انڪا پنهنجي موت جي خبر پنهنجن ماڻهن کي ڏيندو آهي، سي هي آهن: "منهنجي پيءُ مون کي آرام ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو آهي." ان ڪري هو صحتياب ٿيڻ لاءِ قرباني پيش ڪري. پنهنجي پيءُ جي خواهش جي خلاف ورزي ڪانہ ڪندا هئا، ۽ ظاهر ظهور اعلان ڪندا هئا تہ هن ڪين پاڻ وٽ آرام ڪرڻ لاءِ گهرايو هو. اندلسي (اسپين جا رهاڪو) فاتح گرم ماڻرين مان لنگهي جڏهن ڪولمبيا جي انڊيز جبلن جي اتانهن پٽن تي اچي نڪتا، تڏهن انهن وحشين جي انبوهن جيڏ مقابلي ۾، جن کي هو گرم ۽ گهاڻن ٻلن ۾ هيٺ ڇڏي آيا هئا، اهڙن ماڻهن کي ڏسي، جي تهذيب جي ڪافي اعليٰ درجي تي پهتل هئا، جي زراعت جو ڪم ڪندا هئا ۽ جي اهڙيءَ حڪومت جي زير سايہ رهندا هئا، جن کي "مبولڊٿ" ٿيٽ ۽ جيان جي مذهبي حڪومتن سان مشابهت ڏئي ٿو، حيران ٿي ويا. انهن جا نالا چپچا، مائسڪاز يا موزڪاز، سڏيا هئا، جي ٻن حڪومتن ۾ تقسيم ٿيل هئا، جن جا دارالخلافہ يوگوٽا ۽ تنجو وٽ هئا، پر جي ظاهري طور سوگاموزو يا ايراڪا واري عظيم ديوتا سان مشترڪ روحاني وفاداريءَ هئڻ سبب هڪٻئي سان گڏيل هئا. تمام طويل عرصي تائين نفس ڪشي ڪرڻ ۽ پاڪباز زندگي گذارڻ سبب، هن روحاني حڪمران جي تقدس ۽ پاڪيزگيءَ جي اپتري تہ شهرت عام ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي هئي، جو متفق طور سڄو ويندو هو تہ سينهن ۽ درياڻن جو پاڻي سندس زير حڪم هو، ۽ آب و هوا سندس رضامنديءَ جي مرهون منت هئي. ميڪسيڪو جا بادشاه، جيڪن اسين اڳيئي مٿي ڏسي آيا آهيون، پنهنجي تخت نشينيءَ وقت سج کي چمڪائڻ، ڪڪرن مان مينهن وسائڻ، درياهن کي وهائڻ ۽ زمين مان سون جي پرپور فصلن پيدا ڪرڻ جو قسم کڻندا هئا. جيو وچي ڏو تہ ميڪسيڪو جي آخرين بادشاه، مونٽي زوما، کي سندس رعيت خود خدا ڪري پوڄيندي هئي.

بابل جي اوائلي بادشاهن، سارگون پهرئين کان وٺي، آر خاندان جي چوڏهينءَ پشت يا ان کان پوين حڪمرانن تائين، پنهنجي جيئري ئي ديوتائن هڻڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. چوڏهينءَ پيڑهيءَ جي فرمانروائن، خاص طرح آر خاندان وارن، پنهنجي اعزاز ۾ مندر تعمير ڪرايا هئا، مختلف آستانن ۾ هن پنهنجا مجسما نصب ڪرايا ۽ ماڻهن کي انهن بتن جي قدمن ۾ قربانين پيش ڪرڻ جو حڪم صادر فرمايو، سال جو الون مهينو بادشاهن جي پرستش لاءِ مخصوص ڪيو ويو، ۽ نئين چنڊ ۽ هر هڪ چنڊ جي پندرهين تاريخ انهن کي قربانيون پيش ڪيون ويندڙيون هيون. وري پارٿيا جي ارساسيڊ خاندان جي حڪمرانن پاڻ کي سج ۽ چنڊ جا ڀائر قرار ڏنو، ۽ کين ۽ زنده ديوتائون ڪري پوڄيو ويندو هو. ارساسيڊ خاندان جي ڪنهن عام فرد کي ۽ جهڳڙي ۾ ڏسڻ هڪ انتهائي ذليل ۽ ناقابل معافي حرڪت شمار ڪئي ويندي هئي.

مصر جي بادشاهن کي سندن جيئري ديوتا ٻڌايو ويندو هو، کين قربانيون ڏنيون ويندڙيون هيون ۽ سندن پوڄا جون تقريبون خاص سندن ۾ خاص مقرر ٿيل پادري ملهائيندا هئا. درحقيقت بادشاهن جي پوڄا اهڙيءَ ڏوم ڏام سان ڪئي ويندي هئي، جو ديوتائن جي پوڄا ان جي سامهون ڪا حيثيت ڪائر رکندي هئي. چنانچہ سيرينرا فرمانروا جي دور حڪومت ۾ هڪ اعليٰ سرڪاري عهديدار اعلان ڪيو تہ هن انيڪ مقدس جايون تعمير ڪرايون هيون تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن بادشاه سلامت، لافاني ۽ مقدس ميرينرا، جي روح کي "پين سيني ديوتائن کان زياده پڪاريو وڃي." "هي ۽ ڪالهه تسليم ٿيل آهي ته بادشاه ديوتاپڻي يا خدائيت جي دعويٰ ڪندو هو، هو 'عظيم ديوتا' هو، 'زرين هورس' ۽ 'را' جو پٽ هو. هو نه فقط مصر تي اختياري ۽ اقتدار جي دعويٰ ڪندو هو، پر 'سيني ملڪن ۽ قومن تي'، 'سڄي ۽ ڪائنات جي طول و عرض تي، مشرق ۽ مغرب تي'، 'سڄ جي عظيم گردش جي سڄي دائري تي'، 'آسمان ۽ ٻيو جيڪي ڪجهه ان ۾ آهي تنهن تي، زمين ۽ ان جي ماڻهن جيڪي ۾ آهي تنهن تي، هر جانور تي جو ٻن يا چئن ٽنگن تي گهمي ٿو، جيڪي ۾ اڏامن ۽ ڦڙڦڙ ڪن ٿا، تن تي ... ۽ سڄي ڪائنات پنهنجي پيداوار ان کي آڇي ٿي'. درحقيقت سورج ديوتا جا پرستار جيڪي ۾ اعتقاد ان متعلق رکي سگهن ٿا، اهي بطور مذهب جي مصر جي بادشاه لاءِ ۾ سندس رعيت رکندي هئي. ان جا سڀ لقب سورج ديوتا جي لقبن مان سڌي ۽ طرح اخذ ڪيا ويا هئا." "پنهنجي زندگيءَ جي دوران ۾" اسان کي ٻڌايو ويو آهي، "مصر جو حڪمران خدائيءَ جي انهن سڀني تخيلات ۽ تصورات کي، جيڪي مصرين جي ذهن ۾ اڇي سگهيا ٿي، پنهنجي ذات سان وابسته ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجي نسل ۽ شاهي منصب ڪري هڪ فوق‌البشر ديوتا هئڻ سبب، موت کان پوءِ هو دائمي پرستش لائق هڪ عظيم ديوتا-انسان بنجي پوندو هو. چنانچه، خدائي، يا ديوتاپڻي متعلق انسان کي جيتري ۾ معلومات ۽ ڄاڻ حاصل هئي، سا سڀ مجموعي طور هن ۾ ئي مرڪوز ۽ هن لاءِ ئي مخصوص ٿيل هئي."

اسان هيٺ انهيءَ مقدس بادشاهيءَ جي ارتقا جو خاڪو پوريءَ طرح پيش ڪري چڪا آهيون، جنهن ترقي ڪندي ڪندي، آخر پيروءَ ۽ مصر جي بادشاهين جي حالت ۾ پنهنجي اعليٰ ترين ۽ انتهائي مڪمل صورت اختيار ڪئي هئي. تاريخي نقطه‌نگاه کان، بادشاهيءَ يا ملوڪيت جو اداروَ، جو پهلڪ جادوگرن يا "ويجن"

جي وجود مان ڪٿي نڪتل معلوم ٿئي ٿو، منطقي لحاظ کان اهو خيالن جي هڪجهڙائيءَ مان نڪتل هڪ غلط نتيجو آهي. ماڻهن غلطي هيءَ ڪئي جو فطرت جي رڃا کي پنهنجن خيالن جي رڃا جوڙڻو سمجهڻ شروع ڪري ڏنائون، اهڙيءَ طرح هنن اهو ئي خيال ڪيو ته ڪين جيڪو ضابطو پنهنجن خيالن مٿان آهي يا ظاهري طور نظر اچي ٿو، تنهن کين آسپاس جي پين شين مٿان ۾ ساڳئي ضابطي هلائڻ جي اجازت يا اختياري ڏيئي ڇڏي هئي. پوءِ جن ماڻهن کي، هڪ يا ٻئي سبب کان، سندن قدرتي صلاحيتن جي قوت يا ڪمزوريءَ ڪري، هنن جادوآفرين طاقتن جو زياده ترين مالڪ سمجهيو ويو، تن کي سندن پين ساٿرن کان آهستي آهستي علحده ڪري امتيازي درجو ڏنو ويو ۽ کين هڪ اهڙو مخصوص طبقو ٺاهيو ويو، جنهن اڳتي هلي انسان جي سياسي، مذهبي ۽ دماغي ارتقا تي انتهائي دور رس اثر وڌا. هيءَ ته اسان کي معلوم آهي ته سماجي واڌارو، انساني ڏاڏن جي وڏندڙ فرق ۽ امتياز، يا زياده سوليءَ پوليءَ ۾، پورهئي جي ورهاست تي ئي منحصر رهيو آهي. قديم معاشري ۾، هرڪو ڪم، پلو يا برو، هرڪوئي ڪري ٿي سگهيو، آهستي آهستي، مختلف ڪم، مختلف طبقن ۾ تقسيم ٿيا، ۽ هرڪنهن پنهنجو پنهنجو ڪم جيئن پوءِ تيئن زياده ڪاريگريءَ ۽ مهارت سان سر انجام ڏنو، ۽ جيئن ته سڀني جي محنت جي پيداوار، مادي خواه غير مادييءَ ۾ سڀني هڪجهڙا شريڪ هوندا هئا، تنهنڪري پورهئي جي ورهاست جي انهيءَ فائدي مان سڄي قبيلي جا ماڻهو هڪجهڙا مستفيض ٿيندا رهيا. هاڻي، معاشري جي ارتقا ۾، جاڪوگرن يا "ويڄن" جو هڪ ٻيو ورانڌ ڏنڊو ٿي سڀ کان زياده قديم معلوم ٿئي ٿو. اڄ به، جن وحشي قبيلن جي اسان کي براه راست معلومات حاصل آهي، تن سڀني ۾ جادوگر موجود ملن ٿا، موجوده زماني ۾ آسٽريليا جا جهنگلي قبيلا ئي سڀ کان زياده پست ۽ وحشي شمار ٿين ٿا. انهن ۾ فقط جادوگرن جو ئي طبقو آهي، جنهن کي پيشورانه درجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو ۽ پورهئي جي ورهاست جوسلسلو وڌندو رهيو، تيئن خود اهي جادوگر ۽ "بيمارن کان شفا ڏيندڙ جادوگر"، "مينهن وسائيندڙ جادوگر"، وغيره جهڙن مختلف طبقن ۾ تقسيم ٿيندا رهيا، ۽ ٿيندي ٿيندي منجهائن سڀ کان زياده طاقتور فرد پنهنجي لاءِ سرداريءَ جو درجو حاصل ڪري ويٺو، ۽ درجي بدرجي "مقدس بادشاه" جي منصب کي وڃي رسيو، ۽ جنهن رفتار سان مذهب جادوءَ کي پٺتي ڇڪي، ان جي جاءِ ۾ پاڻ والاري ٿو، تنهن تناسب سان مقدس بادشاه جا پراڻا جادوگريءَ وارا فرض ڦري پوجاريءَ يا خود ديوتا جي فرض جي شڪل اختيار ڪري ٿا ٻيهن. اهڙيءَ طرح اڄا به ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، مقدس بادشاهيءَ جي خود ملڪي ۽ مذهبي نوعيت ۾ علحدگي آندي ويئي ـ دنيوي اختيارين هڪ ماڻهوءَ کي ۽ روحاني اقتدار ٻئي جي ـ هٿ ڪيو ويو. انهيءَ ۾ ڇ، جادوگر، جي مذهب جي تسلط سبب عارضي طور ڏاڍي سگهن ٿا پر ڪنهن به صورت ۾ صفا نيست و نابود نٿا ٿي سگهن، پوڄا پاٺ ۽ قرباني جي هن نين رسمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پراڻي ڪرامتي هنر کي ترجيح ڏيئي، ان کي ڇهڻيا رهن ٿا. ڪجهه وقت کان پوءِ، منجهائن زياده فهميده ۽ سنجيده جادوگر جادوءَ جي غلطيءَ کي ڄاڻي ويٺا ٿا، ۽ فطرتي قوتن کي انسان جي ڀلائيءَ خاطر زياده موثر طريقي سان هلائڻ جو هڪ نئون طريقو ايجاد ڪري وڃن ٿا، جنهن جو مطلب هيءَ ته جادوگريءَ کي ترڪ ڪري، هو سائنس جو سهارو وٺن ٿا. آڪا اها دعويٰ ته ٿو ڪريان ته تبديل ۽ ترقيءَ جو سلسلو هرهنڌ هروپرو اهوئي رهيو آهي، بيشڪ مختلف معاشرن ۾ ان جي نوعيت گهٽي قدر بدليل رهي آهي. منهنجو مقصد فقط ٽلهي ليکي اُن جي عام رخ جي هڪڙي خاڪي پيش ڪرڻ جو آهي، جيڪو رخ منهنجي عقل موجب اُن جو هرهنڌ ۽ هميشه ساڳيوئي رهيو آهي. صنعتي نقطه نگاه کان، انساني معاشرو پورهئي جي يڪسانيت کان شروع ٿي، پورهئي جي ورڇ ڏانهن وڌيو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي نقطہ نگاہ کان، اُن جمهوريت کان مطلق العناني ڏانهن پيشقدمي ڪئي آهي. سلطان شاهيءَ جي آخرين تاريخ، مطلق العناني جي زوال ۽ ان جي بجاءِ انسان ذات جي بلند تر تقاضائن سان زياده نهڪندڙ ۽ موزون طريقن واربن حڪومتن جي انعقاد سان هين تفتيش ۾ اسان جو ڪو واسطو ڪونهي؛ اسان جي مطالعي جو مقصد هيءُ آهي تہ ڏسون تہ هڪڙو عظيم ۽، پنهنجي وقت ۾، مفيد ادارو ڪيئن وڌيو ۽ پکڙيو، ۽ نہ تہ اهو ڪيئن بگڙيو ۽ زبون ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڏون

فطرت جا محڪماتي بادشاه

مٿين مطالعي مان ثابت ٿي چڪو ته مقدس منصبن ۽ شاهي القابن جو ساڳيو ميل، جو اسان کي نيميءَ ۾ "ٻيلي جي بادشاه"، روم ۾ "قربانين واري بادشاه" ۽ ايٿنس ۾ "بادشاه سڏائيندڙ مئجسٽريٽ" جي صورت ۾ ملي ٿو، سو گهٽو ڪري ڪلاسيڪي قديم دورکان ٻاهر به اسان کي نظر اچي ٿو ۽ ارتقا جي وحشي دورکان وٺي تهذيبي دور تائين جيڪي انساني معاشرا جنهن ۾ منزل تي اڄ بيٺل آهن، انهن سڀني ۾ ان جا آثار بحيثيت هڪ مشترڪ نشان جي موجود آهن. ازانسواء اهو به معلوم ٿيو ته شاهي پوجاري اڪثر خود بادشاه رهيو آهي- نه فقط نالي ۾، پر حقيقت ۾ به، ۽ شاهي اختيارات جي ڏنڊي سان گڏ ڪيس مذهبي پيشوا جا جبا به پائڻا پئي پيا آهن. اهي سڀ ڳالهيون يونان ۽ روم جي دنيوي ۽ ديني بادشاهن جي شروعات متعلق ساڳئي قسم جي روايتي نظريي جي تصديق ڪن ٿيون. ڪم از ڪم اهو ثابت ڪري ته روحاني ۽ دنيوي اقتدار جو اشتراڪ، جنهن جا نمايان اشارا يونان ۽ روم جي روايتن ۾ موجود رهيا آهن، درحقيقت دنيا جي مختلف علائقن ۾ مروج هو، اسان هن ڳالهه جي گنجائش باقي ڪانه ڇڏي آهي، ته انهن روايتن جي صحت متعلق ڪنهن شڪ شبهي جو اظهار ڪيو وڃي. ان ڪري اسين سوال پڇي سگهون ٿا ته ڇا 'ٻيلي جي بادشاه' جو بنياد به اهڙوئي ته نه آهي، جو روايت مطابق روم جي "قربانين واري بادشاه" ۽ ايٿنس جي "دنيوي بادشاهن" سان وابسته ٿيل آهي؟ ٻين لفظن ۾، ڇا هُن جا منصبي پيشرو اهڙا بادشاه ته نه هئا، جن کي ڪنهن جمهوري انقلاب سندن سياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقتدار کان محروم ڪري، وٽن باقي وڃي مذهبي فرائض ۽ ٽالي ماٽر تاج جو سايو ڇڏيو؟ انهيءَ سوال جو جواب نفيءَ ۾ ڏيڻ لاءِ ڪو از ڪر ۽ سبب آهن. هڪ سبب نيميءَ جي پوجاريءَ جي رهڻ واريءَ جاءِ مان اڳڪٿي ڪجي ٿو ۽ ٻيو ان جي لقب، "ٻيلي جي بادشاه" مان. جيڪڏهن هن جا پيشرو رواجي طرح 'بادشاه' هجن ها، تہ انڪ صورت ۾ هو ٻ روم ۽ ايٿنس جي معزول "بادشاهن" وانگر انهيءَ شهر ۽ ريندڙ هجي ها، جنهن جي حڪومت جو اختيار ڪانئس ڪسيو ويو هو. اهو شهر ضرور ايريشيا هجي ها، چو تہ ان کان زياده ويجهو ٻيو ڪو شهر ڪونہ هو ۽ ايريشيا هن جي ٻيلي واري آستاني کان، جو ڏيڏ جي ڪناري واقع هو، ٽي ميل پري هو. جيڪڏهن هو حڪومت ڪندو هو، تہ شهر ۽ نہ، ۽ سائي ٻيلي ۽ ۾ وري سندس لقب، ٻيلي جو بادشاه، اسان کي هن انوسان ڪيڻ جي مشڪل اجازت ڏئي ٿو. تہ هو ڪڏهن ۽ "بادشاه" لفظ جي دستوري ۽ رواجي مفهوم مطابق بادشاه ٿي رهيو هو. زياده، ممڪن معلوم ٿئي ٿو تہ هو "فطرت جو بادشاه" هو، ۽ سو ۽ فطرت جي هڪ خاص شعبي، يعني ٻيلن، جو بادشاه، جنهن مطابق هن پنهنجو آهو لقب اختيار ڪيو هو. جيڪڏهن ماڻهن جا اسان کي اڳتي مثال ملي سگهن، جن کي فطرت جا محڪماتي حڪمران يا بادشاه سڏي سگهون، يعني اهڙن ماڻهن جا، جن کي فطرت جي ڪن خاص عناصرن يا ڪن خاص صورتن جا حاڪر سمجهيو وڃي، تہ پوءِ اهي "ٻيلي جي بادشاه" سڏڻ انهن خدائي بادشاهن کان نسبتاً زياده مشابهت رکندڙ نظر ايندا، جن تي اسين هن وقت تائين غور ڪندا آيا آهيون ۽ جن کي فطرت بڻان علم اقتدار حاصل ٿئي. وهيو آهي ۽ نہ خاص. اهڙن محڪماتي بادشاهن جا مثال کي اڃ لڀ ڪين آهن.

ڪانگو درياه جي منهن وٽ بوما جي نزديڪ هڪ ٽڪريءَ تي ٻڌل وولو ووسو نالي ٻيڻهن ۽ طوفان جو بادشاه رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالائي نيل درياه جي علائقن ۾ رهندڙ ڪن قبيلن جي متعلق چيو ويو آهي ته انهن وٽ ڪوبه اهڙو بادشاه ڪونه هوندو آهي، جنهن کي رواجي ٻولي ۾ "بادشاه" سڏجي ٿو. جن ماڻهن کي هو انهي حيثيت ۾ تسليم ڪندا آهن، سي مينهن جا بادشاه، 'ماتا ڪودو' هوندا آهن. جن لاءِ سندن اعتقاد آهي تہ ڪين پوري وقت تي، يعني مينهن جي موسم ۾، برسات وسائڻ جي طاقت حاصل آهي. مارچ جي آخر ۾، مينهن وسڻ کان اڳ، اهو ماڻهو خشڪ ۽ اسائيل ريگستان هوندو آهي، ۽ چوپايو مال، جو اتان جي ماڻهن جي خاص دولت هوندو آهي، گاهه جي عدم موجودگيءَ سبب مرڻ لڳندو آهي. ان ڪري جيئن مارچ جي پڇاڙي ويجهي ايندي ويندي آهي، تيئن هر گهر جو مالڪ "مينهن جي بادشاهه" وٽ ڇهڻي ويندو آهي ۽ ڪيس ڪئونءَ جو تحفو آڇيندو آهي، تہ جيئن هو آسمان جي رحمت واري پاڻيءَ کي سڙيل ۽ خشڪ چراگاهن ۽ ٻنان وسائي. جيڪڏهن مينهن نہ وسندو آهي، تہ سڀ ماڻهو جمع ٿي، بادشاه کان پاڻيءَ جو مطالبو ڪندا آهن. ۽ جيڪڏهن آسمان اڃا ۽ ڪرن کان خالي هوندو آهي، تہ هو چرو هڻي سندس پيٽ ڦاڙي ڇڏيندا آهن، جنهن ۾ هو سمجهندا آهن تہ هُن مينهن ۽ طوفان کي لڪائي رکيو آهي. باري قبيلي وارن جو مينهن وسائيندڙ هڪ بادشاه گهنڊ مان پاڻي چنڪاري مينهن وسائيندو هو.

ائبيسنيا (حبش) جي پسگردائيءَ ۾ آباد قومن وٽ ٻہ هڪ اهڙو عهدو آهي، جنهن جو هڪ مبصر هي بيان ڏنو آهي: "الفائي پوجاريءَ جو عهدو، جيئن ڪيس باري ۽ ڪوناما قبيلن وارا سڏيندا آهن، عجيب و غريب آهي. هن لاءِ اهو اعتقاد آهي تہ هو مينهن وسائي سگهندو آهي. اڳئين وقت ۾ اهو عهدو آلجيد قبيلي وارن وٽ هوندو هو، جو نيوبا شيدين وٽ اڃا تائين عام آهي. باري قبيلي وارن جو 'الفائي'، جنهن وٽ اتر وارا ڪوناما قبيلي وارا ٻہ اڇي عرضگذار ٽيندا آهن، ٽيمبادبئر نهر جي پرسان هڪ جبل تي پنهنجي خاندان ٻنان گڏ اڪيلو رهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ماڻهو ڪيڙن ۽ ميون جي صورت ۾ وٺس ڏڙانا ڪٽي ايندا آهن، ۽ هن لاءِ سندس وڏي ٻني ۾ ڪيڙيندا آهن. هو هڪ قسم جو بادشاه آهي ۽ سندس عهدو سندس پاڻ يا پيڻ کي ورثي ۾ ملندو آهي. هن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته هو مينهن کي وسائي ۽ ٻاکڙ کي تڙي سگهندو آهي. پر جيڪڏهن هو ماڻهن جي اميدن کي پورو نه ڪري سگهندو آهي ۽ ملڪ ۾ قحطسالي پئجي ويندي آهي، ته هن کي سنگسار ڪيو ويندو آهي ۽ سندس ويجهي ۽ ويجهي عزيز کي هن کي پهرئين پٽ هٿ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. اسين جڏهن ان ملڪ مان لنگهياسون تڏهن 'الفائي' جو عهدو اڃا تائين هڪ پوڙهي شخص وٽ هو، پر سون ٻڌو ته منهن وسائڻ جو ڪم هن لاءِ ڪافي خطرناڪ ثابت ٿيو هو، جنهنڪري هو تازو پنهنجي عهدي تان هڪ پيرو دستبردار ٿيو هو.

ڪئمبوڊيا جي پرانهن گهاٽن ٻيان ۾، هڪڙا ٻه پراسرار "بادشاه" رهن ٿا، جي "باه جي بادشاه" ۽ "پاڻي جي بادشاه" جي لقبن سان مشهور آهن. انهن جي شهرت انڊوچائنا جي عظيم اڀيٽ جي ڏکڻ واري سڄي علائقي ۾ دور دور تائين ڦهليل آهي، پر مغرب ۾ سندن شهرت جو هلڪو پڙاڏو مس پهتو آهي. جيتريقدر معلوم آهي، ٽورا سال اڳ تائين ڪنهن ٻ يورپي ماڻهوءَ انهن مان ڪنهن هڪ کي ٻ ڪونه ڏٺو هو، ۽ جيڪڏهن چند سال اڳ تائين ڪئمبوڊيا جي بادشاه (جو سال بسال انهن سان سوکڙين ٻاکڙين جي ڏي وٺ ڪندو هو) ۽ انهن جي درميان باقاعدي آمدورفت جو سلسلو قائم نه رهندو اچي ها، ته انهن جو وجود ئي شايد هڪ ڏند ڪٿا بنجي رهجي وڃي ها. انهن جا شاهي فرض خالص اسراري يا روحاني نوعيت جا آهن، ڪين ڪوبه سياسي اقتدار حاصل ڪونهي، هو سادا سودا ڪرڻ آهن، جي پنهنجي پگهر جي پورهئي ۽ معتقدن جي سوکڙين ٻاکڙين ۽ نذرانن تي گذران ڪندا آهن. هڪ روايت مطابق، هو ٻئي مڪمل تنهائيءَ ۾ گذاريندا آهن، ته هڪٻئي سان ملندا آهن ۽ نه وري ڪنهن ٻئي انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صورت ڏسندا آهن. هو هڪڙي پٽيان ستن منارن ۾ رهندا آهن، جي جبلن جي چوٽين تي تعمير ٿيل آهن ۽ هر سال هو هڪ ڪان پڻي مناري ڏانهن منتقل ٿيندا رهندا آهن. اهي عهدا هڪ ٻيا (ٻيءَ روايت مطابق) ٻن شاهي خاندانن ۾ موروثي رهندا آهن، جن کي وڏي عزت هوندي آهي، جن کي سرڪاري وظيفا ملهل هوندا آهن ۽ جي پاڻ زمين کيڙڻ جي ڪم کان آزاد هوندا آهن. هر عام طرح انهيءَ اعزاز حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوه آرزومند ڪونه هوندو آهي، ۽ جڏهن به ڪا آسامي خالي ٿيندي آهي، تڏهن سڀني حقدار اميدوار (جي مضبوط ۽ صاحب اولاد هجن گهرجن) قرار ٽي ڪيڏانهن لڪي ويندا آهن. هڪ ٻيءَ روايت مطابق، اهي موروثي اميدوار انهيءَ منصب جي تاج قبول ڪرڻ کان واقعي بيزار هوندا آهن، ڪين ستن منارن ۾ گوشه نشينيءَ جي حالت ۾ رهڻو ڪونه پوندو آهي، پوءِ جڏهن به اهي روحاني بادشاهه پنهنجي ۾ ايندا آهن تڏهن ماڻهو انهن جي آڏو سجدي ۾ جهڪندا آهن، ۽ اڻين سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن انهن کي عزت ڏيڻ جي انهيءَ علامت کي نظرانداز ڪيو ويندو ته ملڪ تي هڪ غضبناڪ طوفان اچي ڪڙڪندو. گهڻن ٻين مقدس بادشاهن وانگر، جن جو بيان اڳتي هلي پڙهنداسون، باه ۽ پاڻيءَ جي انهن بادشاهن کي به قدرتي موت ڪرڻ ڪونه ڏنو ويندو آهي، پوءِ ته ان طرح هنن جي شان ۾ گهٽتائي اچي ويندي، چنانچه انهن مان ڪو هڪ جڏهن بيمار ٿيڻ پوندو آهي، تڏهن اتان جا پريا مڙس مشورو ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن هو سمجهندا آهن ته هن جو بچڻ مشڪل آهي، ته ڪيس خنجر هڻي هٿسان ماريو ويندو آهي. سندس لاش پوءِ ساڙيو ويندو آهي، ۽ ان جي رک کي ادب سان گڏ ڪري، پنجن سالن تائين احترام سان محفوظ رکيو ويندو آهي. رک جو ڪجهه حصو هن جي ٻيوه زال جي سپرد ڪيو ويندو آهي، جنهن کي هوءَ هڪ برتن ۾ رکندي آهي، ۽ جڏهن هوءَ پنهنجي مڙس جي سڙڻ واريءَ جاءَ تي روڄ راڙو ڪرڻ ويندي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ڪيس اهو برتن پٽيءَ تي ڪٽي وڇٽو پوندو آهي.

اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته "باه جو بادشاه" جو ٻڌي مان زياده اهميت جو مالڪ آهي ۽ جنهن جي فوق‌الفطري قوتن ۾ ڪڏهن به ڪو شڪ ڪونه ڪيو ويو آهي، شادين، ڏڻ ۽ قربانين جي موقعن تي، 'ٻان' يا "روح" جي اعزاز ۾ صدارت ڪندو آهي. انهن موقعن تي هن لاءِ هڪ خاص جاءِ سيني ڪان الڳ ٿاهي ويندي آهي، ۽ جنهن رستي تان هو ايندو آهي، تنهن تي اڇا ڪپڙا وڇايا ويندا آهن. انهيءَ شاهي اعزاز کي هڪ ئي خاندان تائين محدود رکڻ جو سبب هي آهي ته انهيءَ خاندان وارن وٽ ڪي مشهور ۽ معروف طلسم آهن، جي انهيءَ ڪتب ڪان نڪري ڪنهن ٻئي وٽ وڃڻ تي پنهنجي خصوصيت کان خالي ٿي ويندا يا غائب ٿي ويندا. اهي طلسم ٽي آهن: 'ڪوئي' نالي هڪ ول جو ميوو، جو ڪيترا جڳ اڳي عظيم سيلاب وقت، ڪڏ ڪيو ويو هو، ۽ جو اڄا تائين تازو ۽ سائو آهي، 'رڻ' ٻولي جي هڪ تاري، جا به تمام قديم آهي، ۽ جنهن تي اڄا تائين گل بيٺا آهن، جي ڪڏهن به نه ڪومائيا آهن، ۽ آخر ۾ هڪ ترار، جنهن ۾ 'ٻان' يا روح جو واسو آهي، جو ان جي دائمي حفاظت ڪندو رهي ٿو، ۽ ان جي ذريعي معجزا ڏيکاري ٿو. اهو روح هڪ غلام جو جيو وجي ٿو، جنهن جو رت اتفاق سان ان مٿان اهڙي وقت ڪريو هو، جڏهن اها ترار ٺهجي رهي هئي، ۽ جنهن پنهنجي انهيءَ گناه جي پاداش ۾، ڪفاري طور پاڻ کي رضا خوشيءَ سان ماريو هو. پهرين ٻن طلسمن سان "پاڻيءَ جو بادشاه" اهڙو سيلاب برپا ڪري سگهي ٿو، جو سڄيءَ ڪائنات کي ٻوڙي وجهي. جيڪڏهن "باه جو بادشاه" جادوءَ واريءَ ترار کي، ميان مان ۾ ڪي انچ ڇڪي ٻاهر ڪڍي، ته سڄ غائب ٿي وڃي ۽ ماڻهو ۽ مرون اگهور تنبو ۾ وڃي وڃن. ۽ جيڪڏهن ميان مان بلڪل ٻاهر ڪڍي ڇڏيس، ته جيڪر گهڙيءَ ۾ سڄي دنيا نيست و نابود ٿي وڃي. انهيءَ عجيب غريب ترار کي، مينهن وسائڻ لاءِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن، سوئرن، پکين ۽ بدکن جون قربانيون ڏنيون ويندیون آهن. ان کي کپھ ۽ ريشم ۾ ويڑهي رکيو ويندو آهي، ۽ ڪنبوڊيا جو راجا جيڪي سال بسال قيمتي سوغاتون موڪليندو آهي، تن ۾ انهيءَ ترار کي ويڑهي رکڻ لاءِ نهايت هرتڪلف ۽ قيمتي ڪپڙا پڻ شامل هوندا آهن.

ملڪ جي عام رسم جي برعڪس، جنهن مطابق مثل ماڻهن کي دفن ڪيو ويندو آهي، هتن پنهي درويش بادشاهن جي لاشن کي ساڙيو ويندو آهي، پر انهن جي ڪن ٽڪنهن، ڏندن ۽ هڏن کي مذهبي اعتقاد طور تبرڪ جي صورت ۾ محفوظ رکيو ويندو آهي. جنهن وقت جنازو ڪاڻين مٿان سڙندو رهندو آهي، ان وقت مرحوم جادوگر جا عزيز پيلي ڏانهن پڄي ويندا آهن ۽ انهيءَ قابل رشڪ اعزاز ماڻڻ جي دپ کان، جنهن کي هن تازو خالي ڪيو هوندو آهي، لکي ويندا آهن. ماڻهو انهن جي ڳولا ۾ نڪرندا آهن، ۽ پهريون شخص، جنهن جي لکڻ واري جاءِ کين هٿ لڳندي آهي، تنهن کي جهلي ڪري آڻي باه يا پاڻيءَ جو بادشاه بڻائيندا آهن.

اهي مثال آهن انهن جا، جن کي مون "فطرت جا محکماتي حڪمران يا بادشاه" سڏيو آهي، پر ڪنبوڊيا جي ٻيلن ۽ نيل درياه جي سرزمين کان يورپ جو اتلي ملڪ تمام دور آهي، ۽ جيتوڻيڪ مينهن، باه ۽ پاڻيءَ جا بادشاه ڳولي ڪڍيا اٿئون، ان هوندي به افريشيا جي پوجاريءَ سان مشابهت ڪرڻ لاءِ، اسان کي "ٻيلي جو بادشاه" اڃا ڳولي لهڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

وٹن جي پوڄا

۱ـ وٹن جا ارواح : يورپ ۾ آريه نسل جي قومن جي مذهبي تاريخ ۾ وٹن جي پوڄا هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هيءَ هڪ قدرتي ڳالهه هئي، ڇو ته تاريخ جي اوائلي دور ۾ يورپ جو سڄو ڪنڊ قبل از تاريخ واري زماني جي گهاڻن ٻيلن سان ڇانيل هو، جنهن ۾ هيٺي هٿي زمين جا صاف ڪيل ٽڪرا سبزيءَ جي هڪ بحر عظيم جي درميان جزيرن وانگر نظر ايندا هوندا. پهرينءَ صدي ڪبل مسيح تائين هرسينيا جو ٻيلو اوپر طرف رائين نديءَ کان وٺي ايتري پفاصلي تائين ڦهليل هو، جنهن جي نه ڪا حد هئي نه حساب، جرمنيءَ جي جن باشندن کان سيزر (روم جي فاتح بادشاه) ان باري ۾ سوال پڇيا هئا، تن کيس ٻڌايو هو ته هو ان مان ڏهن مهينن تائين سفر ڪندا رهيا هئا، پر ان جي ڇيڙي تائين پهچي نه سگهيا هئا. چار صدين پوءِ شهنشاه جولين ان مان لنگهيو هو، ۽ اتان جي تنهائيءَ، تاريڪيءَ ۽ خاموشيءَ هن جي حساس طبيعت تي تمام گهرو اثر ڪيو هو، هن اعلان ڪيو هو ته سڄيءَ رومي سلطنت ۾ ان جهڙي ٻي ڪا جاءِ ڪانه هئي. موجوده برطانيه ۾ ڪينٽ، سري ۽ سسيڪس جا جهنگلي علاقا انڊيريڊا جي ٻيلي جا باقي بچيل ٽڪرا آهن، جو ڪنهن زماني ۾ هن جزيري جي جنوب مشرقي حصي تي ڇانيل هو. مغرب طرف هو وڏي وڇي هڪ ٻئي ٻيلي سان ملندو هو، جو هئمپشاير کان وٺي ڊيوون تائين ڦهليل هو. هينري ٻئي جي دور حڪومت تائين لنڊن جا شهري اڃا تائين هئمپ اسٽيڈ جي ٻيلي ۾ جهنگلي ڊڳي ۽ سوئر جو شڪار ڪرڻ ويندا هئا. پلنٽيجينيٽ خاندان جي پوين بادشاهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دور ۾ ٿي شاهي ٻيلن جو تعداد الهٽ هو. آرڊيننس جي ٻيلي لاءِ چيو ويندو هو ته اهو ايڏو ته گهاڻو هوندو هو، جو هڪ نوريڻو هڪڙي وڻ کان ٻئي تي سڄي واروڪشاير جيتري ڊگهي علائقي جيتري ٻيلي ۾ ٿيي ٿي سگهيو. "پو" درياه جي ماڻريءَ ۾ قديم زماني جي ڪائين جي ٽهيل ڪوٽائيءَ ڏيکاريو آهي ته روم جي ترقيءَ ۾ شايد قائر ٿيڻ واري زماني کان گهڻو اڳ الليءَ جو شمالي علائقو گهاڻن ٻيلن سان چانيل هو، جن ۾ شاه ٻلوط جا وڻ تمام گهڻا هئا. انهيءَ هنڌ پهچي آثار قديم کي تاريخ جي حمايت حاصل ٿئي ٿي، ڇو ته قديم دور جي تصنيفن ۾ الليءَ جي اهڙن ٻيلن جا گهڻيئي حوالا ڏنل آهن، جي هينئر غائب ٿي ويا آهن. چار صديون قبل مسيح تائين روم جو شهر مرڪزي ايٽروريا کان سامنيا واري خطرناڪ ٻيلي ذريعي جدا ٿيل هو، جنهن کي تاريخ نويس "لائوي" جرمنيءَ جي ٻيلن سان مشابهت ڏئي ٿو. انهيءَ روسي تاريخ نويس تي جيڪڏهن اسين اعتبار ڪريون، ته ان ٻيلي جي گهاڻين تنهاين ۾ ڪنهن ٻي ماڻهوءَ کي ڪڏهن داخل ٿيڻ جي جرأت ڪانه ٿي هئي. انهيءَ روسي جرنيل جو اهو انتهائي دليرانه ڪارنامو سمجهيو ويو هو، جڏهن هو، انهيءَ ٻيلي جي پيچيدگين جي جاچ لاءِ ان اسڪائوٽن کي اڳوات موڪلي، پنهنجيءَ سڄيءَ فوج کي ٻيلي اندر ولي ويو هو، ۽ گهاڻن وڻن سان ڏکيل جبلن جي هڪ چوٽيءَ تي پهچي، هن ايٽروريا جي سرسبز ۽ آباد پنين کي ڏٺو هو، جي سندس قدمن هيٺان ڦهليل هيون. يونان ۾ آرڪيڊين جبلن جي بلند و بالا لاهين تي چيل ۽ شاه ٻلوط جا خوبصورت ٻيلا اڃا تائين بيٺا آهن، جي اڄ به انهيءَ اونهي لڪ کي ساوڪ سان دلڪش بڻائي رهيا آهن، جنهن سان لاڊن ندي مقدس آلفيئس نديءَ سان ملڻ واسطي تيزيءَ سان وهندي ويندي آهي، ۽ جن جو عڪس، ٿورا سال اڳ تائين، ويران فينيئس ڏنڊ جي گهري نيلي پاڻيءَ تي پوندو هو، پر اهي انهن وڏن ٻيلن جا محض ننڍا ٽڪرا آهن، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم زماني ۾ وڏن علائقن مڙان چائيل هئا، ۽ جي ڪنهن اڄا ۾ پراچين زماني ۾ يونان جي اپيٽ ڪي هڪ سمنڊ جي ڪناري ڪان ولي ٻئي تائين ڏکيو ٻيڙا هئا.

قديم جرمن ٻوليءَ ۾ "مندر" لاءِ جيڪي لفظ آهن، تن جي جاچ پڑتال ۾ مشهور مصنف "گيرم" اهو امڪان ڏيکاريو آهي ته جرمن نسل جي ماڻهن جي پوڄا جا اوائلي آستانا قدرتي ٻيلا هئا. بهرحال، يورپ جي آريه نسل جي سيني وڏن قومن ۾ وٽن جي پوڄا جا ڪائي آثار ۽ شهادتون ملن ٿيون. سيلٽ نسل جي ڊريوڊ قبيلي جي شاهه بلوط جي پوڄا سان هرڪوئي روشناس آهي ۽ "آستانن" واسطي سنسڪرت ٻوليءَ جو پراڻيو لفظ بنيادي ۽ معنوي لحاظ ڪان لاطيني زبان جي "نيمس" لفظ سان، جنهن جي معني "هڙي" يا "جهنگلي اڪرو" آهي، همشناس معلوم ٿئي ٿو ۽ جنهن جا نشان "نيمي" لفظ ۾ اڄا تائين موجود آهن. قديم جرمن قوم وارن وٽ پاڻ آستانا عام جام هوندا هئا ۽ وٽن جي پوڄا جو رواج انهن جي پوين مان اڄ ڏينهن تائين اڄا صفا غائب ڪونه ٿي ويو آهي. اڳين ڏينهن ۾ ان پوڄا جي ڪهڙي اهر نوعيت هئي، - تنهن جو اندازو انهيءَ وحشيانه سزا مان ڪري سگهجي ٿو، جا جرمنيءَ جي قديم قانون مطابق اهڙن ماڻهن لاءِ مقرر ڪئي ويئي هئي، جي ڪنهن ٻيلي وٽ جي ڇوڙي لاهڻ جي همت ڪندا هئا. ڏوهاريءَ جو ڏن وڌي ڪوليو ويندو هو، ۽ ان کي وڻ جي ڇيلهل حصي وٽ ڪوڪي سان ٽوڪيو ويندو هو، جنهن ڪان پوءِ هن کي تيسين وڻ جي چوگرد ڦيرايو ويندو هو، جيسين هن جو سڄو آندو وڻ جي ڏڙ سان ويڙهجي ويندو هو، انهيءَ سزا جو مقصد صاف ظاهر آهي، ته وڻ جي وڌيل ڇوڙي بدران ان جي جاءِ تي زنده نعم‌البدل ٻيهيا ڪيو ويندو هو، جو ڏوهيءَ کان حاصل ڪيو ويندو هو، اهو قانون، "حياتيءَ جي بدلي حياتي"، يعني وڻ جي حياتيءَ بدلي ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي اصولن تي ٺهيل هو. سئيڊن جي قديم مذهبي دارالخلافه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايسالا ۾ هڪ مقدس هڙي هئي، جنهن جي هرهڪ وڻ کي ديوتائي وڻ سمجهيو ويندو هو. سيلٽس نسل جا بت پرست وٽن ۽ هڙين جي پوڄا ڪندا هئا. لٽائنيا جا باشندا چوڏهين صدي عيسوي جي آخرين حصي تائين مسيحي ڪونہ ٿيا هئا ۽ انهن جي مذهب تبديل ڪرڻ وقت منجهن وٽن جي پوڄا وڏي اهميت رکندي هئي. انهن مان ڪي غيرمعمولي شاه بلوط ۽ پين وڏن سايه دار وٽن جي پوڄا ڪندا هئا، جن وٽان هو غيب متعلق جواب ولندا هئا. ڪي وري پنهنجن گولن ۽ گهرن جي چوگرد مقدس هڙيون پوکائيندا هئا، جتان کان نيڙي ٽاري پڻ به عظيم گناه تصور ڪيو ويندو هو. هو سمجهندا هئا ته اهڙي هڙي مان جيڪڏهن ڪو نيڙي ٽاري به ڪٽيندو، ته هو ناگهاني موت جو شڪار ٿيندو، يا ان جو ڪو نه ڪو عضوو بيڪار ٿي ويندو. قديم الليء ۽ يونان ۾ وٽن جي پوڄا جي موجودگي جون اڪثر ثابتيون ملن ٿيون. "ڪوس" شهر وٽ، ايسڪيولاپيس جي آستاني مان، مثال طور، سڙو جي وٽن کي ويڙ جي ممانعت ٿيل هئي، جنهن جي خلاف ورزي ڪرڻ تي هڪ هزار درمن جو ڏنڊ مقرر ٿيل هو. ۽ شايد قديم دنيا جي ٻئي ڪنهن به هنڌ، هن قديم پوڄا کي، عظيم دارالخلافہ جي مرڪز يعني روم کان وڌيڪ بهتر نموني سان، محفوظ نہ رکيو ويو هو. فورم ۾، جو رومي زندگي جي مصروفيتن جو مرڪز هو، روميولس جي مقدس زيتون جي وڻ جي پوڄا رومي شهنشاهيت جي قائم ٿيڻ واري زماني تائين ڪئي ويندي هئي، ۽ جنهن جي ٽڙ جي سڪي وڃڻ سان سڄي شهر ۾ دهشت ڦهلجي ويندي هئي. وري ٽيليتائين ڏڪري جي لاهي تي هڪ 'ڪارنيل' وڻ ٻيٽل هو، جنهن کي روم جي انتهائي مقدس شين مان هڪ سمجهيو ويندو هو. جڏهن به ڪنهن واڍهڙو کي اهو وڻ ڪوهايل نظر ايندو هو، تڏهن هو اهڙو ته وڻي شور و غل مچائيندو هو، جو آسپاس وارين گهٽين جا ماڻهو نڪري هڪدم ان سان آڇي همنوا ٿيندا هئا ۽ جلد ئي ماڻهن جا انبوه هڪٻئي سان ڪرندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٽاپڙندا پاڻيءَ جا ڏول ڪٽي اوڏانهن ڊوڙندا نظر ايندا هئا، جڏ
تہ ("پلو ٽارچ" چوي ٿو) اهي ڪنهن ٻاهر وسائن لاءِ ڊوڙندا ٿي وڃا.
يورپ جي فينش-اگريئن نسل جي قبيلن ۾ ڏاڍي پوڄا پاڻ
گهٽو ڪري مقدس هنڌن ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، جن جي
چوڌاري هميشه لوڙها ڏنل هوندا هئا. اهڙيون هڏيون گهاڻن ٻيلن
جي وچ ۾ اڪثر ڪليل ميدانن جي صورت ۾ هونديون هيون، جن ۾
ڪٿي ڪٿي مس ڪوڻ ٻيڻل هوندو هو، جن تي قديم دور ۾ قرباني
ڪيل جانورن جون ڪلهون لٽڪايون ويندیون هيون. هڏيءَ جو
مرڪزي نقطو، ڪرازڪر وولگا نديءَ تي آباد ٽيل قبيلن ۾، هڪ
مقدس ڪوڻ هوندو هو، جنهن جي مقابلي ۾ اتي جون ٻيون سڀ شيون
هيچ هونديون هيون. ان جي ساهون پوجاري اچي جمع ڪيندا
هئا، ۽ آڻي انهن جو پادري دعائون پڙهندو هو، ان جي پاڙ
وٽ ٻڪرين چاڙهيون ويندیون هيون، ۽ ان جون شاخون قربانگاهن
جو ڪم ڏينديون هيون. انهيءَ هڏيءَ سان ڪنهن ڪاليءَ ويڙ،
يا شاخ ڪوڙڻ جي اجازت ڪاڙ هوندي هئي ۽ زالن کي عموماً
ان ۾ داخل ٿيڻ جي ممانعت ڪيل هوندي هئي.

وڻن ۽ ٻوٽن جي پوڄا جو جن خيالن تي بنياد ٻڌل آهي، تن جي
تفصيلوار تفتيش ڪرڻ ضروري آهي. وحشيءَ جي خيال ۾ هيءَ
سڄي دنيا جاندار آهي ۽ وڻ ۽ ٻوٽا به ان ۾ شامل آهن. هو
سمجهي ٿو تہ هُن وانگر انهن کي به روح آهي، جنهنڪري هو
انهن سان اهڙو ئي ورتاءُ ڪري ٿو جهڙو ڪنهن ٻئي جاندار
سان. قديم زماني جو سڀني خور "پورفائري" لکي ٿو تہ "چون ٿا
تہ اوائلي لوڪ ڏاڍي مغموم زندگي گذارينداهئا، چو تہ انهن جا
وهر فقط حيوانات تائين محدود ڪونہ هئا، پر نباتات تائين ٻ
پهتل هئا. چو تہ جنهن صورت ۾ وڻن ۾ به روح سمايل هئا، تڏهن
هڪ شاه بلوط يا چيل جي وڻ کي وڍي ڪيرائڻ جو ڏوهہ هڪ
ڏڪي يا ريڇ کي ذبح ڪرڻ جي گناه کان گهٽ سنگين چو هئڻ
گهرجي؟" ساڳيءَ طرح اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هداستا قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته قدرتي شيءَ کي پنهنجو روح آهي، يا، سندن پوليءَ ۾ انهن کي پنهنجو پنهنجو ’سايو‘ ٿئي ٿو. انهن سائين جو کجهه احترام يا لحاظ ڪرڻ واجب آهي، ۽ هرهڪ جي عزت يڪسان ناهي. مثال طور ڪاڻن ووڻ، وڻ جي سايي کي، جو هالائي مسوري درياه جي وادي ۾ وڏي ۽ وڏو وڻ ٿئي ٿو، اهڙي قسم جي ڇانو رهي ٿي، جو ان سان ڇڪجي طرح پيش اچڻ سان، گاڙها هندستاني کي خاص معاملا ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏيڻي سکهن ٿا، ۽ ننڍن پوٽن ۽ معمولي گاه جا سايا کا خاص وقعت نٿا رکن. بهار جي موسم ۾ جڏهن مسوري ندي برساتين ۾ ڪريل برف جي پاڻيءَ اچڻ سبب، پرجي ويندي آهي ۽ پنهنجي ڪناري جو ڪجهه حصو پاڻي ويندي آهي ۽ ڪن ڀڳهن وڻن کي پاڻ سان لوڙهي ڪڍي ويندي آهي، تڏهن چيو ويندو آهي ته جيستائين وڻ جون ڀاڙون زمين ۾ ڇڪيل هونديون آهن ۽ ڏڙ ڏڙام ڪري پاڻيءَ ۾ ڪيري نه پوندو آهي، تيسين وڻ جو روح پيو روئندو رڙندو آهي. اڳئين زماني ۾ گاڙها هندستاني انهن ديو هيڪل وڻن کي ڪيرائڻ گناه سمجهندا هئا، جڏهن وڏن بندن جي ضرورت پوندي هئي، تڏهن هو فقط اهڙن وڻن کي ڪتب آڻيندا هئا، جي پنهنجي سر پاڻ ڪري پيا هوندا هئا، ٻورو ڏي زمانو اڃ ڪن ويساهي پوڙهن اعلان ڪيو هو ته ٻندن - ڦوڙ جون اڪثر مصيبتون جيڏن جاڳندن ڪاڻن ووڻ وڻن جي حفن کان سندن ننڍن ٻڌي وارن جي لاپرواهيءَ جو سڌو نتيجو هيون. اروڪوئي قبيلي وارن جو عقيدو هو ته وڻ ۽ ٻوٽي، گاه، وغيره، جي هرهڪ جنس جو پنهنجو جدا روح هوندو آهي، ۽ انهن روحن جي شڪرگذاريءَ ادا ڪرڻ جي باقاعدي منجهن رسم هئي. مشرقي آفريڪا جي وانيڪا قبيلي وارا سمجهندا آهن ته هرهڪ وڻ ۾ خاص طرح ناريل جي وڻ کي پنهنجو روح هوندو آهي، ”ناريل جي وڻ جي تباهيءَ کي ماڻهو جي قتل برابر سمجهيو ويندو آهي، جو ته اهو وڻ کين اهڙيءَ طرح زندگي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوراک بخشيندو آهي، جيئن ماڻ پنهنجي هار کي." سيام جا ٻاوا اهو عقيدو رکندي، ته هرهنڌ روح موجود هوندا آهن ۽ کنهن ۾ شيءَ کي ناس ڪرڻ هڪ روح کي سندس آرامگاه کان زبردستيءَ بيدخل ڪرڻ جي مترادف آهي، کنهن ۾ وڻ جي ٽاري کين ٽوڙيندا آهن، "جو ته هو کنهن بيگناه ۽ معصوم انسان جي پانهن ته ٽوڙڻ ته چاهيندا!" اهي ٻاوا البت هڏ ڏرم جا پوئلڳ آهن. پر بيجان شين ۾ روح جي موجودگيءَ جو هوڏي عقيدو کو هڏ ڏرم جو فلسفياڻه نظريو ڪونه آهي. اهو محض هڪ وحشيانه عام عقيدو آهي، جنهن کي هن تاريخي مذهب جي اعتقادن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. "بينقي" ۽ بين وانگر اهو خيال ڪرڻ ته بيجان شين ۾ روحن جي موجودگيءَ ۽ هڪ جسم کي ڇڏڻ کان پوءِ ٻئي ۾ داخل ٿيڻ (تناسخ) جاڻ نظريا ۽ جي ايشيائي قومن ۾ مروج آهن، هڏ ڏرم مان حاصل ڪيل آهن. اهو حقيقتن کي ابتي ڪرڻ جي برابر آهي.

ڪڏهن ڪڏهن فقط ڪن خاص قسمن جي وڻن ۾ روحن جو واسو سمجهيو ويندو آهي. دالميشيا جي گرجاگهن علاقي ۾، جيو ويندو آهي ته شاهه بلوط، چنار ۽ بين وڏن وڻن مان کي اڇا هوندا آهن، جن ۾ سايا يا روح رهندا آهن، ۽ انهن مان کنهن هڪ کي ڪيڪو ڪيرائيندو، سو اڪثر مري ويندو يا ڪم از ڪم پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن علالت ۾ گذاريندو. جيڪڏهن کنهن کائيرکي اهو ڊپ ٿيندو آهي ته هن جيڪو وڻ وڌيو آهي، سو انهيءَ قسم جي وڻن مان هڪ آهي، ته پوءِ کيس انهيءَ ڳاڻي وڻ جي ٽڙ تي هڪ زنده ڪڙ کي انهيءَ ساڳيءَ ڪهاڙي سان ڪهي قربان ڪرڻو پوندو آهي، جنهن سان هن اهو وڻ وڌيو هوندو. انهيءَ طرح هو پوءِ هر قسم جي ضرر کان محفوظ رهندو. پوءِ ڪٽي ان وڻ ۾ کنهن روح جو واسو هو به سهي. ڪاڻ سڪ وڻ، جن جا ٽڙ انتهائي بلنديءَ تي وڃي رستا آهن، سڄي مغربي آفريڪا ۾، سينيگال کان وٺي نائجر تائين، احترام جي نظرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏٺا ويندا آهن ۽ انهن کي ديوتا يا روح جو قيامگاهه سمجهيو ويندو آهي. سليوڪوست جي ايبو هولي ڪالهائيندڙ قومن ۾ "پيلي جي انهيءَ ديو" ۾ رهندڙ ديوتا کي "هنڊن" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهن مان اڪثر وڻن جي چوڌاري، جن ۾ هو خاص طور واسو ڪندو آهي ـ چو ته هو هر هڪ 'ڪائن سلڪ' وڻ کي اعزاز ڪو نه بخشيندو آهي ـ ڪجهين جي ڏنن جو گهيرو ڏنو ويندو آهي، ۽ پکين ۽ بعض اوقات ماڻهن جون قربانيون اڪثر وڻ جي ٽڙ سان ٻڌيون ويندڙيون آهن يا ان جي پاڙ وٽ رکيون ويندڙيون آهن. ڪجهيءَ جي ڏنن جي حلقي سان نشان ڪيل اڪثر وڻ کي نه ويڏو هوندو آهي ۽ نه ان کي ٻئي ڪنهن ٽموني نقصان رسايو ويندو آهي، 'ڪائن-سلڪ' جا ٻيا اڪثر وڻ ٻن، جن ۾ هنڊن جو واسو موجود نه سمجهيو ويندو آهي، تيسين نه ڪيرائڻا هوندا آهن، جيسين ان کان پيشتر ڪائيرا اڪثر ڪُڪرم جي ناپاڪائيءَ کان پکين ۽ تيل جي قرباني ڪڍي پاڻ کي پاڪ نه ڪري. انهيءَ قرباني کي نظر انداز ڪرڻ اڪثر گناهه آهي، جنهن جي پاداش ۾ موت جي سزا ملي سگهي ٿي. پنجاب جي ڪانگڙا جبلن ۾ هڪ پراڻي صندل جي وڻ کي هرسال هڪ چوڪريءَ جي قرباني ڏني ويندي هئي. ۽ ڪوٽ جا سيڪنب چوڪري مهيا ڪرڻ لاءِ واري وٽي ڪندا هئا. ڪافي سال ٿيا، جو اهو وڻ نيٺ وڍي چڏيو ويو.

جيڪڏهن وڻ جاندار آهن ته لازمي طور اهي حساس به آهن ۽ انهن کي وڍي ڪيرائڻ هڪ نازڪ جراحيءَ جو ڪارنامو ٿي ٿو، جو تڪليف سهندڙن جي جذبات جي خيال کان ايتريءَ نزاڪت سان سرانجام ڪرڻ گهرجي، جيتري ممڪن ٿي سگهي، چو ته اهي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو ته اهي قيري اڪثر لاپرواه ۽ بي ڊنگي جراح کي خود چيري ڦاڙي چڏين. جڏهن شاه بلوط جي وڻ کي ڪيرايو ويندو آهي، تڏهن "اهو هڪ تسر" جون چيخون يا درد جون دانهون ڪندو آهي، جي هڪ ميل جي دوريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پڻ ۽ ايندڙ آهن، جن ته شاه بلوط جو روح ماتم ڪري رهيو آهي. ايءِ وائيلڊ صاحب بهادر ڪيئي دفعا اهي دانهون پڌيون آهن"! اوجيبوي قبيلي جا ڪاڙها هندستاني "ساون يا بيل وٽن ڪي هن خيال ماتحت تمام مشڪل وڌندا آهن ته ائين ڪرڻ سان انهن کي سور ٿيندو آهي ۽ انهن جي ڪن ويجن ڪهاڙي هيڻان. آيل وٽن جون دانهون پڌيون آهن". اهڙن وٽن جو، جيڪي وڌڻ يا سڙڻ وقت رت ڪاڙيندا آهن يا درد جون دانهون ڪندا آهن، چين جي عام ڪتابن، خود درسي تاريخن ۽ ڪٿو ذڪر آيل آهي. آسٽريا جي ڪن حصن ۽ پوڙها ڪڙمي اڄ تائين اهو اعتقاد رکن ٿا ته ٻيلي جي وٽن ۽ جان آهي، جنهنڪري هو ان جي ڇوڏي يا هڏ ۽ ڪنهن خاص سبب کان سواءِ ٻيوند لڳائڻ نه ڏيندا آهن، هنن پنهنجن وڏن کان پڌو آهي ته وڻ کي ۽ چير سبب ايترو درد محسوس ٿئي ٿو، جيترو ماڻهوءَ کي پنهنجي زخم مان. وڻ وڍڻ وقت ٻهريائين هو ان کان معافي گهرندا آهن. جيو وجي ٿو ته بالائي ٻٽليٽينيت علائقي ۽ ۾ پوڙها ڪاڙيا اڃا تائين ڪنهن سڏي ۽ سهڻي وڻ کي وڍڻ کان اڳ ان کان دل ئي دل ۽ معافي گهرندا آهن. ساڳيءَ طرح جارڪينو ۽ ۾ پوڙها ڪاڙيا اهڙي وڻ کان معافي گهرندو آهي، جنهن کي هو وڍڻ چاهيندو آهي. اهڙي نموني سان ليوزان جا الوڪين قبيلي وارا جڏهن ڪنهن ٻيلي يا جبل تان وڻ وڍيندا آهن، تڏهن هو ان وقت کي آيتون پڙهندا آهن، جن جو هي مقصد هوندو آهي: "گهراڻ نه اي دوست! جيتوڻيڪ اسين اهو ڪجهه ڪيرائي رهيا آهيون، جنهن جي ڪيرائڻ لاءِ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي". انهن وٽن ۽ رهندڙ روحن جي نفرت کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ هو اهو سڀ ڪجهه ڪندا آهن، چوته اهي روح اهڙن ماڻهن کي، جي انهن کي چاٽي ٻڇي ضرر رسائيندا آهن، سخت بيمار ڪري ڪائڻ انتقام وٺندا آهن. وچ آفريڪا جا باسوگا لوڪ سمجهندا آهن ته جڏهن وڻ وڍيو ويندو آهي، تڏهن ان ۽ رهندڙ روح ڪاوڙجي سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سردار ۽ ان جي ڪنب کي ماري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ آفت کي روڪڻ لاءِ هو وڻ کي ويڙ ڪان اڳ پنهنجي "ويج" سان مشورو ڪندا آهن. جيڪڏهن اهو ماهر اهڙي ڪم جي اجازت ڏيندو ائن، تہ ڪاليرا اڳ ۾ ان وڻ کي هڪ پکيءَ ۽ پکريءَ جي قرباني ڏيندو آهي. ڪهاڙيءَ جي پهرئين ڏڪ سان هو انهيءَ چير وٽ پنهنجو وات جهلي ان جي ڪجهه رس چوسيندو آهي. اهڙيءَ طرح هو ان وڻ سان برادريءَ جو ناتو جوڙيندو آهي. جيئن منجهن ۾ ماٺهو هڪٻئي جو رت چوسي ياٿيءَ جي خوني رشتي ۾ منسلڪ ٿي ويندا آهن. ان ڪان پوءِ هو پنهنجي "وڻ-ياءِ" کي ڏهڪ ڏليريءَ سان وڌي سگهندو آهي.

ٻر ساوڪ جي ريڍ سان هميشه عزت ۽ احترام جو هلوڪ ڪوڙ ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن نرم لفظ ۽ رحمدليءَ واري هلت:منجهن جنبش ڪانہ پيدا ڪندي آهي، تہ پوءِ ڪن موقعن تي زياده سخت قدم ۾ کنيا ويندا آهن. ايسٽ انڊيز ۾ 'ڊيورين' نالي هڪ وڻ، جنهن جو لسو ٽڙ گهڻو ڪڙي امي يا نوبي ڦوڙن تائين مٽي هليو ويندو آهي ۽ ان وچ ۾ ڪاڻ شاخ ڪاڍندو آهي، هڪ اهڙو ميوو ڏيندو آهي، جنهن جو ذائقو انتهائي لذيذ هوندو آهي، ۽ بدبوءِ نهايت خراب هوندي اٿس. مٽي نسل واڙا ماٺهو انهيءَ وڻ کي ان جي ڦل واسطي پوڪيندا آهن، ۽ ان تان گهٽي ميوي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب و غريب رسم ادا ڪندا آهن. سيلانگور علاقي ۾ جڳرا مقام وٽ ڊيورين جي هڪ ننڍي هڙي آهي، جتي هڪ مقرر ٽيل ڏينهن تي سيٽي ڪوٽاٽا جمع ٿيندا هٿا. ان ڪان پوءِ مقامي جادوگرن سان هڪ ڪهاڙو ڪٽي، سيني ڪان زياده غير آباد وڻ جاچي، ان جي ٽڙ تي ڪيترائي ڪاريگريءَ وارا ڏڪ هڻي، ان کي هيٺ ڇوندو آهي: "اڃا ۾ ميوو ڏيندين يا نہ؟ جي نہ، تہ آءٌ توکي ڪهاڙي ڇڏيندس". انهيءَ سوال جي جواب ۾ ڊيورين وڻ هڪ ٻئي ماٺهوءَ جي واتان، جو پاسي ۾ هڪ مٽنگوسٽين نالي وڻ تي چڙهي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي (جو ته ديورين وڻ جڙهائي جي قابل ڪونه هوندو آهي) هيئن چوندو آهي: "ها، ها، هينئر آءٌ ڦر جهليندس، بهربالي ڪري مون کي نه ڪيراءِ". ساڳيءَ طرح جيڪي ڦر وڻ ڪي ڪردار بنائڻ لاءِ يا ماڻهو باغيچي ڏانهن ويندا آهن، انهن ڏانهن هڪ وڻ تي چڙهي ويندو آهي ۽ پيو ان جي ٻاڙ وٽ کهاڙو جهلي بيهندو آهي. کهاڙي وارو ماڻهو وڻ کان درپافت ڪندو آهي ته هو ٻئي سال اهو سنو فصل ڏيندو يا نه ۽ جيڪڏهن هو ائين نه ڪندو، ته ان کي وڍڻ جي ڌمڪي ڏني ويندي آهي. ان تي ٽارين ۾ ويٺل ماڻهو وڻ جي بدران جواب ڏيندو آهي ته اهو پيرو ڪيس چڏيو وڃي، آئنده هو جهجهو فصل ڏيندو. باغبانيءَ جو اهو نمونو اسان کي ڪٽي ڪيترقدر به عجيب معلوم ٿئي، پر يورپ ۾ به ان جا متوازي مثال موجود آهن. ناتال جي شاهِ جو ڪيترائي ڏکڻ سلئووونيا ۽ بلگيريا جا ڪڙمي ميوي جي غيرآباد وڻ وٽ کهاڙو ڦيرائي ان کي ڏمڪائيندا آهن ۽ پاسي ۾ ويٺل هڪ پيو ماڻهو ڏمڪايل وڻ جي شفاعت ڪندو آهي ته "نه، ويڃاس، جلد ٻئي ڦر جهليندو" ٻي دفعا کهاڙي کي ڏمڪيءَ طور ڦيرايو ويندو آهي ۽ ٽيئي دفعا وچ واري ماڻهوءَ جي سفارش تي ڏڪ روڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڏنل وڻ ٻئي سال ضرور ڦر جهليندو.

وڻن ۽ پوڻن کي جاندار شين سمجهڻ سبب فطرتي طور انهن کي نر ۽ مادي قرار ڏيڻ به لازمي آهي، جن جي هڪٻئي سان حقيقي ۽ نه محض علامتي يا شاعرانه تخيل موجب، شادي ٻڌي سگهجي ٿي. اهو خيال محض دماغي پيداوار ناهي، جو ته جانورن وانگر پوڻن جون به جنسون هونديون آهن، جي نر ۽ مادي جي ميلاپ ذريعي، پنهنجي نسل جي پيداوار ۾ اضافو آڻين ٿا. پر سڀني اعليٰ جاندارن ۾ جيئن پڻهي جنسن جا مخصوص عضوا باقاعده طور مختلف افراد جي درميان جدا رکيل آهن، زياده تر پوڻن جي حالت ۾ اهي ساڳيءَ جنس جي هرهڪ فرد ۾ گڏ رکيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو قانون بهرحال کنهن به صورت ۾ هم‌گير نوعيت جو ڪونه آهي ۽ ڪيترين جنسن ۾ نر پوئو مادي کان جدا گانه هوندو هوندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته ڪن وحشين اهو فرق محسوس ڪيو آهي، جو ته انسان کي پڏايو ويو آهي ته مائوري قبيلي وارا "وٽن جي جنس وغيره کان بخوبي واقف هوندا آهن ۽ ڪن وٽن جي نرن ۽ مادين لاءِ جدا جدا نالا هوندا آهن". اوائلي انسانن کي کجور جي نر ۽ مادي جو فرق معلوم هو، جي نر وڻ جي پور کي مادي جي گلن ۾ ڇڪائي. ان جو هڏڙو لڳ ڪرائيندا هئا نر ۽ مادي جو اهو جنسي ميلاپ بهار جي موسم ۾ ڪرايو ويندو هو. هارائن جي بت‌پرستن وٽ، جنهن مهيني ۾ کجور جي وٽن کي ڦردار ڪيو ويندو هو، تنهن کي "کجور جو مهينو" سڏيو ويندو هو، انهيءَ وقت هو سيني ديوتائن ۽ ديوين جي شاديءَ جي تقريب ملهائيندا هئا. کجور جي انهيءَ حقيقي ۽ نتيجه خيز شاديءَ جي برعڪس، انهن پوٽن جون شاديون، جي هندو اوهام پرستيءَ ۾ آهن، ڪردار ادا ڪن ٿيون، محض خيالي ۽ بي معنيٰ آهن. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن هندوءَ انهن جي وٽن جي هڙي پوکي آهي، ته هو پاڻ ۽ سندس زال تيسين انهن جو ميوو چکڻ گوارا نه ڪندا آهن، جيسين ان کان اڳ هو انهن وٽن ۾ ڪنهن هڪ کي گوت جي حيثيت ۾ ڪنهن قسم جي ڪنهن وڻ سان جو عام طرح ان جي پرسان پوکيل گدامريءَ جو وڻ هوندو آهي، رسمي شادي نه ڪرائيندا آهن. جيڪڏهن ان جاءِ تي ڪنوار جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪو گدامريءَ جو وڻ ويجهو ڪونه هوندو آهي، ته پوءِ هو ڪو به وڻ، ان مقصد لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. انب جي وڻ جي پوريءَ ڏوم ڏام سان شادي ڪرڻ لاءِ هڪ خاندان کي پنهنجا سيئي سون ۽ چانديءَ جا زيور وڪڻندي ۽ پنهنجيءَ طاقت آهر گهٽي کان گهٽو قرض کڻندي به ڏنو ويو آهي. ناتال جي شام جو جرمنيءَ جا ڪجهه وٽن کي ڪردار بنائڻ لاءِ انهن کي ڳاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رسي ڏريعي هڪڙي سان ٻڌندا هئا ۽ ڇوندا هئا تہ اهڙيءَ طرح هو وٽن جي شادي رچائي رهيا هئا.

مولوڪا ٻنڌن ۾ جڏهن لونگن جا وڻ پور جهليندا آهن، تڏهن انهن سان حامل عورتن وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. رات جي وقت انهن جي پرسان ٻاهه يا روشنائي نہ ڪئي لنگهندا آهن. ڪوبہ انهن جي پرسان ٽوپلو ٻاڦ نہ لنگهندو آهي پر هرڪنهن کي انهن جي پرسان مٿو اگهاڙو ڪرڻو پوندو آهي. اهي سڀ احتياطي تدبيرون ان ڪري ڪيون ويندیون آهن تہ ستان وڻ ڏڇي وڃي ۽ قر نہ جهلي. يا اهڙيءَ عورت جي بيوقتيءَ چڪيءَ وانگر، جا حمل جي دوران ۾ ڏڇي ويئي هجي، وڻ ۾ پنهنجي قر کي وقت کان اڳ ڪيرائي چڏي. مشرق ۾ جانورن جي وڌندڙ فصل سان اهڙوئي لحاظ ۽ مروت وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. جو پارکي ٽڇ پيارينڊڙ عورت سان روا رکيو ويندو آهي. اڻمياڻنا ۽ انڪري، جڏهن جانورن جا سنگ پريا ٻيٽا هوندا آهن، تڏهن ماڻهو ڇوندا آهن تہ اهي پيٽ سان آهن، جتهنڪري ٻنيءَ جي ويجهڙائيءَ ۾ ڊپ کان ڪوبہ گولي نہ چوڙيندو آهي ۽ نہ ئي ڪو گوڙ گهمسان ڪندو آهي، چو تہ جيڪڏهن جانورن جي سڪ ۽ آرام ۾ خلل پوندو تہ اهي حامل عورت وانگر وقت کان اڳ جانور ڪيرائي وڃهندا. فصل ۾ فقط پلال ئي پلال باقي وڃي بچندو ۽ اناج جو نالي ماتر هڪ بہ داڻو ڪونہ رهندو.

ڪڏهن ڪڏهن وري ائين سمجهيو ويندو آهي تہ وٽن کي مثل ماڻهن جا روح ئي جان بخشين ٿا. مرڪزي آسٽريليا جي ڏيٺري قبيلي وارا ڪن خاص وٽن کي تمام گهڻي احترام سان ڏسندا آهن، جو هو انهن کي پيءُ جوڻ ۾ آيل پنهنجا ابا ڏاڏا سمجهندا آهن، جنهنڪري هو انهن جو ذڪر ڏاڍي احترام سان ڪندا آهن. ۽ ساڳئي وقت اها خبرداري ڪندا آهن تہ انهن کي تہ وڌيو وڃي ۽ نہ ساڙيو وڃي. جيڪڏهن اتي آباد ٽيل غيرملڪي کين انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻن وڍڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن تہ هو ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان هيٺ ڏيئي ان جي خلاف احتجاج ڪندا آهن تہ جيڪڏهن هو انهن کي ڪندا تہ هنن جو بخت ڦٽي پوندو ۽ پنهنجن وڻن جي حفاظت نہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ کين سزا ملندي. فلپائين پيٽن جي ڪن باشندن جو اعتقاد هوندو آهي تہ سندن وڻن جا روح ڪن وڻن ۾ هوندا آهن، جن کي هو پوءِ ڇڏي ڏيندا آهن. جيڪڏهن انهن کي اهڙي ڪنهن وڻ وڍڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي تہ وڻ کان هي ٻهانو ڪري معافي ونڊندا آهن تہ انهيءَ ڪم لاءِ کين سندن پادريءَ مجبور ڪيو هو. روح پنهنجي آرامگاه لاءِ ڳڻ ۾ شاندار وڻن کي ترجيح ڏيندا آهن، جن جون شاخون وڏيون ۽ ڦهليل هونديون آهن. جڏهن انهن مان هوا سرڙاٽ ڪري لنگهندي آهي، تڏهن اتان جا مقامي باشندا سمجهندا آهن تہ اهو روح جو آواز آهي. اهڙن وڻن مان ڪنهن جي ٻ پرسان هو عزت سان جهڪن کان سواءِ ۽ ان ۾ رهندڙ روح جي آرام ۾ خلل وجهن لاءِ معافي گهرڻ کان سواءِ ڪونہ لنگهندا آهن. اگنوروت قبيلي وارن جي هرهڪ ڳوٺ کي پنهنجو مقدس وڻ هوندو آهي، جنهن ۾ ان ننڍڙي ڳوٺ وارن جي مرحوم ابن ڏاڏن جا روح رهندا آهن. انهيءَ وڻ کي قربانيون ڏنيون ويندیون آهن، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪو ضرر پهچايو ويندو آهي تہ سمجهيو ويندو آهي تہ ڳوٺ ۾ڪاڻ کابد بختي نازل ٿيندي. جيڪڏهن انهيءَ وڻ کي ويڍيو ويو، تہ اهو ڳوٺ ۽ ان جا سڀ رهاڪو ڪٿي پڪ نيست و نابود ٿي ويندا.

ڪوريا ۾ اهڙن ماڻهن جا روح، جي پليگ وگهي يا رستي جي ڪناري تي اوچتو مرندا آهن، يا اهڙين عورتن جا روح جي ويم واري وقت ۾ مرنديون آهن، گهٽو ڪري وڻن ۾ پنهنجو قيام ڪندا آهن. اهڙن روحن کي ڪيڪن، شراب ۽ سور جي گوشت جون قربانيون ڏنيون ويندیون آهن، جي وڻ هيٺان ڪڍ ڪيل ڍڳن جي ڍڪڻ مٿان رکيون ويندیون آهن. چين ۾ قديم زماني کان ولي مثل ماڻهوءَ جي روح کي تقويت پهچائڻ ۽ ان جي خاڪي جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سڙڻ کان محفوظ ڪرڻ لاءِ قبرن مٿان وڻ پوکڻ جي رسم هلندي آئي آهي. ۽ جيئن ته سدا سياون سرو ۽ چنار جي وڻ کي باقي ٻين سڀني وڻن کان زياده قوتمند سمجهيو ويو آهي، انڪري انهن کي انهيءَ مقصد لاءِ ترجيح ڏيڻي خاطر منتخب ڪيو ويو آهي. چنانچه انهن وڻن کي جيڪي قبرن مٿان ڄمندا آهن، ڪن وقتن ۾ خود مثل مائٿن جا روح سمجهيو ويندو آهي. ڏکڻي ۽ مغربي چين جي هڪ قديم النسل قبيلي ميائو ڪيئا، وارن جي هرهڪ ڪوٽ جي منهن ٻوٽ هڪ مقدس وڻ ٻيئل هوندو آهي، جنهن لاءِ انهن جا باشندا سمجهندا آهن ته ان وڻ ۾ سڀين پهرئين ڏاڏي جي روح جو واسو آهي. ساهو سڏن ڪنهن جو ڀائٽ هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪوٽ جي قريب مقدس هڳي هوندي آهي، جنهن جي وڻن کي ڪوبه ڪونه ويندا آهن، بلڪ جڏهن ڏينداڻن ٿا ته پوءِ اتي سکي ٻڙي ۽ پري وجهه. انهن جون ڪريل ٽاريون ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر رستي روڪ بڻجي پوندڙيون آهن، جن کان ڪنهن هڪ کي ٻه ان جاءِ تان ٽپڻ نه ڏيندا ويندو آهي، جيستائين ان کان پيشتر ان وڻ جي روح کان اجازت نه وٺي ويندي آهي. ۽ ان جي اڳيان قرباني نه پيش ڪئي ويندي آهي. ڏکڻي آفريڪا جي مڙيو قبيلي وارن ۾ قبرستان کي هميشه هڪ مقدس جاءِ سمجهيو ويندو آهي، جتي نه ڪو وڻ ڪيرايو ويندو آهي ۽ نه ڪنهن جانور کي ماريو ويندو آهي، چو ته اتان جي هرهڪ شيءَ ۾ مثل مائٿن جي روح جو واسو سمجهيو ويندو آهي.

اڪثر حالتن ۾ روح کي وڻ جي وجود سان بنهه هڪ سمجهيو ويندو آهي، اهوئي وڻ کي جيڪو رکي ٿو، اهوئي وڻ سان گڏ ايذاءَ برداشت ڪري ٿو ۽ مري ٿو، ۽ ٻئي رابي موجب، جو شايد پوين دورن جي پيداوار آهي، وڻ ۽ روح هڪ چيز نه پر به ڇيڙوڻ آهن، يعني وڻ محض روح جو قيامگاه آهي، جنهن کي روح پنهنجي مرضيءَ مطابق چڏي يا سگهي ٿو ۽ ان ۾ وري واپس به اچي سگهي ٿو. ايسٽ انڊيز جي هڪ ٻيٽ، شيائو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا باشندا هڪ قسم جي وٽن جي روحن ۽ يقين رکندا آهن، جي گهاڻن ٻيلن يا وڻن ويران وٽن ۽ رهندا آهن. چوڏهين جي چنڊ رات اڌري قسم جو روح پنهنجي خفيه جاءِ مان ٻاهر نڪري سير سفر ڪري ٿو. هن جو مٿو وڏو، ٻانهون ۽ ٽنگون تمام ڏگهيون ۽ بدن ٽلهو ٿئي ٿو. ٻيلي جي هيٺ روحن کي راضي رکڻ لاءِ، ماڻهو انهن جي رهڻ واري جاين تي کاڌي پيتي پکين ۽ ٻڪرين وغيره جا نذرانا ڪٽي ايندا آهن. نياس جي باشندن جو اعتقاد آهي ته جڏهن به ڪو وڻ مري ٿو، تڏهن ان جو آزاد ٿيل روح پوءِ ٻئي پوي ٿو. جو ناريل جي وڻ کي محفوظ ان جي ٽاري ۾ تي وڃي ويهڻ سان مازي سگهي ٿو ۽ ڪنهن به گهر جي ٽنڊير تي وڃي ويهڻ سان ان گهر جي ٻيٽي ٻارن جو موت آڻي سگهي ٿو. ازانسواءِ هنن جي اها به راءِ آهي ته ڪن وٽن تي هميشه لاءِ ڪن زولو روحن جو واسو ٿئي ٿو، جيڪڏهن انهن وٽن کي وڏي چڏبو ته اهي شرارت ڪرڻ لاءِ آزاد ٿي لڳن ٿا. چنانچه ماڻهو اهڙن وٽن جو احترام ڪندا آهن ۽ هميشه انهن کي ويڙهڻ کان پرهيز ڪندا آهن.

جن وٽن ۾ روحن جو واسو سمجهيو ويندو آهي، تن کي وڏي وقت جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندڙيون آهن، تن مان گهڻين جو بنياد هن اعتقاد تي رکيل آهي ته روحن کي پنهنجي مرضي يا ضرورت مطابق وٽن کي چڏي سگهڻ جو اختيار حاصل رهي ٿو. چنانچه ٻيلهو ٻيڻن وارا جڏهن نڪو وڻ ڪيڙائيندا آهن، تڏهن هو حرفت سان ان وڻ جي روح کي هيٺ لهڻ ۽ ٻئي ڪنهن وڻ تي ويهڻ لاءِ آماده ڪندا آهن. سيليوڪوسٽ جو چالاڪ حبشي جيڪڏهن "ائشورين" نالي ڪنهن وڻ ڏي ڪيرائڻ جو ارادو ڪندو آهي ۽ ڪيس معلوم هوندو آهي ته جيسين ان ۾ روح جو واسو هوندو تيسين هو اڻين نه ڪري سگهندو، ته هو ان کي لالچائڻ لاءِ زمين تي ناريل جو ٽوڙ تيل رکندو آهي ۽ جڏهن روح انهيءَ نعمت کي کائڻ لاءِ هيٺ لهندو آهي، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيدي ڏوتي جڳي ان جو گذشتہ قياسگاه وڏي ڪيرائي چڏيندو آهي. سيلپس جي ٽوپونگڪو قبيلي وارا جانورن جي پوڪ ڪرڻ لاءِ پيلي جي ڪنهن ٽڪر کي صاف ڪرڻ وارا هوندا آهن، تڏهن اهي ڪ ننڍڙو گهر ٻاهر ۽ ان ۾ ننڍڙا ڪوڙا ڪڇ، ڪاڏو، پيتو ۽ سون رکندا آهن. ان کان پوءِ هو پيلي جي سيني روحن کي ڪڍي سڏ ڪري، کين ساڻان سان سينگاريل ننڍڙي گهر جي آڇ ڪندا آهن ۽ ٻاڦي وقت کين انهيءَ ٽڪري کي چڏي وڃڻ لاءِ استدعا ڪندا آهن. ان کان پوءِ هو ٻنان ڪنهن ۽ ٻپ ڏاڙهي، پيلي کي پلڪل سلامتيءَ سان وڏي سگهندا آهن. سيلپس جي ٽوپوري نالي هڪ ٻيءَ قوم جا ماڻهو ڪنهن ٻڪهي وڻ کي وڍڻ کان اڳ، وڻ جي ڇاڙ وٽ سوپارين جو اڏ سيرڪن رکي، ان وڻ ۾ رهندڙ روح کي پنهنجي قياسگاه تبديل ڪرڻ لاءِ الها پيشڪش ڪندا آهن. ان کان علاوه هو ان وڻ جي ٽڙ سان هڪ ننڍي ڊاڪ لڳائي رکندا آهن ته جيئن اهو روح سلامتيءَ ۽ آرام سان وڻ تان هيٺ لهي سگهي. سماترا جا مئنڊيلنگ قوم وارا اهڙن سپني ڪٽن ڪرتوتن جو ڏوه پنهنجي اختياريءَ وارن جي سر تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. چنانچہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پيلي ۾ وڻ وڍي، رستو لاهڻو هوندو آهي، ۽ ان لاءِ کيس ڪنهن ڏکهي وڻ کي وڍي ڪيرائڻو پوندو آهي، جو رستي جي وچ ۾ حائل هوندو آهي، تڏهن هو پنهنجي کهاڙي کي تيسين نه هلائيندو، جيسين هيٺ نه چوندو "اي هن وڻ ۾ رهندڙ روح! برو نه پائنجانءَ جو آءٌ تنهنجو گهر وڏي رهيو آهيان، جو تہ اهو ڪم پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق نه ڪنڌروار جي ڪجهه ٻي رهيو آهي". پيلائي زمين جي ڪنهن ٽڪر تي پوک ڪرڻ جي ارادي سان ان کي صاف ڪرڻ ۽ روحن جي سرسبز قيام گاهن کي ڪيرائڻ کان اڳ، ظاهر آهي ته هن لاءِ اتان جي وڻن ۾ رهندڙ روحن سان کو اطمينان بخش معاهدو طي ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ ارادي سان هو انهيءَ ميدان جي وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀر وچي ٻيهر وري آهي ۽ اونڌو ٿي ڪنهن ڪاغذ کي گولن ڪري ڇوليندو آهي. پوءِ هڪڙي ڪاغذ جو ٽڪر کولي، ان تي "ڇ حڪومت جي خط" وڏن وڏن اکرن ۾ لکي ٻيهر ڇوليندو آهي. ڇنڊڻ ۽ ڇڻ پوءِ ڪيس انهيءَ زمين کي صاف ڪرڻ جو ڪم هلندو هٽ ۽ ڪٽ لاءِ سخت حڪم ڏنل هوندو آهي. ائين ڪرڻ کان پوءِ هو ڇوڙندو آهي ته "هتي ٽاريءَ ارواح" موڻ کي صاف ڪري ڇڏيو ۽ هلڪو ڪرڻ شروع ڪريو ڪهڙيءَ نه ته موڻ کي ڏاسي ڏي لٽڪندو پوندو".

وٽ کي ڪيرائڻ ۽ ان جي ڪاٺ کي تختن جي صورت ۾ ڇيرائڻ ۽ گهر نئين تعمير ۾ استعمال ڪرڻ کان پوءِ ڏسڻ ۾ آهي ته وٽن جو روح اڃا تائين عمارتي ڪاٺ ۾ ڪٿي ٻڌو هجي، جنهنڪري کي ماڻهو جاءِ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان اڳ يا پوءِ اهڙي روح کي ڇهنجي دوست بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڇنانچ سيليس جي اوروجا قبيلي وارن جي ٻڌڻ لئين عمارت تيار ٿي ويندي آهي، تڏهن انهي هڪري ۾ سوئر يا ٻڪري کي ذبح ڪري، نئين عمارت جي ڇت جي ڪاٺ کي ان جو رت ڇڪيندا آهن. جيڪڏهن اها عمارت "لوبو" يا روحن جي رهاڻ واري جاءِ تي اڌيل سمجهي ويندي آهي، ته پوءِ ڇت ۾ ڪرنگهي تي ڪنهن ڪهڙيءَ يا ڪنهن کي ذبح ڪيو ويندو آهي. ۽ ان جي رت کي ٻنهي طرفن ڏانهن وهڻ ڏنو ويندو آهي. انهن کان زياده وحشي ٽوناپو قوم وارا اهڙيءَ حالت ۾ ڇت تي ماڻهوءَ جي قرباني ڪندا آهن. "لوبو" يا مندر جي ڇت تي اها قرباني ساڳيوئي مقصد ادا ڪندي آهي، جا رواجي جاءِ جي ڪاٺ تي رت ڇڻڻ واري رسم ڪندي آهي. مقصد صرف ٻلي جي روحن کي راضي ڪرڻ جو هوندو آهي، جيئن عبادتي ڪاٺ ۾ شايد اڃا موجود هجن، انهن کي انهڙيءَ طرح خوش ڪيو وڃي ٿو. ڇنهنڪري پوءِ هو گهر جي ڀاتين کي ڪو ضرر ڪونه رسائيندا. ساڳئي سبب ڪري سيليس ۽ مولوڪاز جا ماڻهو گهر ٺاهڻ جي وقت ڪنب کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونڌي هٿن کان وڃندا آهن، جو تہ پهريائين جو روح، جو ان وقت تائين شايد ڪائ ۽ بنوجود هجي، قدرتي طور اهڙي ۽ بيعزتي ۽ تي ناراض ٿي، گهر جي ماڻهن کي بيماري ۽ مبتلا ڪري چڏيندو هوندو جيڪا ان قوم وارن جو راءِ آهي. تہ عزت جي معاملي ۽ وٺن جا روح ڏاڍا سخت هوندا آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهن کي ڪا تڪليف پهچائيندا آهن، تن تي سخت ناراض ٿي کين سزا ڏيندا آهن. چنانچہ گهر ماڻهن کان ٻوءِ، جنهن لاءِ هنن کي مجبوراً گهٽن ٿي وٺن سان هٿ چراند ڪرڻي پئي هوندي، اهي ماڻهو هڪ سال تائين توبهہ تائب رهندا آهن ۽ انهيءَ عرصي ۽ هو گهٽين گاهين، جهڙوڪ رڇن، چيتن ۽ ٻاڦن کي مارڻ کان سخت پرهيز ڪندا آهن.

۲- وٺن جي روحن جا مفيد اختيارات: جڏهن وٺ کي خود وٺ جي روح جو مجسم نہ، پر محض هڪ روح جو قيامگاه سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق وٺ کي چڏي سگهي ٿو، تڏهن مذهبي خيالات ۽ گويا هڪ اهم واڌارو ۽ پيشقدمي واقع ٿيل سمجهن گهرجي. "هر شيءَ مجسم روح آهي" (Animism) جي بدران "ڪثرت ارواح" (Polytheism) جو عقيدو ماڻهن جي ذهن ۾ سمايل ٿي رهيو آهي. هن لفظن ۾، هرهڪ وٺ کي زنده ۽ باشعور هستي سمجهن بجاءِ، ماڻهو ان کي هيٺئر فقط بيجان مادو سمجهي ٿو، جنهن ۾ ٽوري يا گهٽي عرصي لاءِ ڪا فوق الفطري هستي اچي واسو ڪري ٿي، جا هڪ وٺ کان ٻي ۾ آزاديءَ سان سمائجي. جي قوت رکڻ سبب وٺن ميان هڪ قسم جي تصرف جو حق رکي ٿي يا ڪنهن طرح ميانئن قابض رهي ٿي، ۽ "وٺ ديوتا" بجاءِ اڪا هيٺئر "ٻيلي جو (هڪ) ديوتا" ٿي پوي ٿي. جيئن ٿي وٺ جي روح کي اهڙيءَ طرح هرهڪ مخصوص وٺ کان ڪجهہ قدر علحده ڪيو وڃي ٿو. تيئن ٿي غير مادي روحاني هستين کي انساني صورت جي لباس ڏيڻ جي قديم رجحان مطابق، انساني خيال ان کي مختلف شڪل و

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ تبديل ڪيندي آ. پاڻ انساني شڪل ۾ ايندي تصور ڪرڻ شروع ڪري ڏني ٿو. چنانچ قبل از تاريخ جي ڪلاڪاري ۾ ديوتائن کي انساني صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سنجهائڻ ڪن جي ٻيلائي رٿوعيت جو اظهار ڪنهن ڪاري ۾ يا ٻي ڪنهن اهڙي ۾ واضح علامت ذريعي ڪيو ويو آهي. ۽ شڪل و صورت جي تبديلي "وٹ جي روح" جي نوعي خاصيت تي اثر انداز نه ٿي ٿئي. "وٹ جي روح" جي حيثيت ۾ هو جيڪي اختيارين هلائيندو هو، سي هينئر "وٹ جي ديوتا" جي صورت ۾ هلائيندو رهي ٿو. انهي حقيقت کي آ. هينئر تفصيلوار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. آ. پهريائين اهو ڏيکاريندس ته وٹ کي جانداڻ يا ٻاروح سمجهي، انهن کي مينهن وسائڻ، سج اپارڻ، مال ۾ اضافي آڻڻ ۽ زالن جي ويم کي آسان ڪندڙ طاقتن جو مالڪ سمجهيو وڃي ٿو. پوءِ ته ڇڏهن وٹن جي ديوتائن کي انسان نما ديوتا يا خود انساني روپ ۾ ظهورو ڪيل ديوتا سمجهيو ٿو وڃي. ڇڏهن انهن ڏانهن اهي ساڳيون ئي طاقتون منسوب ڪيون وڃن ٿيون. پوءِ ڪالهه آهي ته وٹن يا "وٹ جي روحن" کي مينهن وسائڻ، سج چمڪائڻ واريون هستيون سمجهيو وڃي ٿو. پراڻ واري مبلغ ۽ جيروم، ڇڏهن لڪائيا جي بت پرستن کي سندن مقدس هڙين کي صاف ڪرڻ لاءِ آماده ٻڌي ڪيو. ڇڏهن عورتن جي هڪ گروه لڪائيا جي شهزادي کي منٿون ڪيون ته هو ان کي انهي ۽ ڪيرڻ ڪان باز رکي. چو ته ايلن سان گڏ هو "ديوتا جي گهر" کي ناس ڪري رهيو هو، جتان هو مينهن ۽ آس حاصل ڪندا هئا. آسام جا موندري قبيلي وارا سمجهندا آهن ته مقدس هڙي ۾ مان جيڪڏهن کي وٹ ڪهاڻيو ويندو ته پيلي جا ديوتائون ناراض ٿي ويندا ۽ مينهن بند ڪري ڇڏيندا. اپر برما جي ساڳانگ ضلعي جي مونيو ٽالي هڪ ڪوٹ جا رهاڪو ڪوٹ جي پرسان وڻي ۾ وڏو ڳڏامري ۽ جو وٹ ڪولي ان کي مينهن تي ضابطي رکندڙ روح (ناٽ) جو آستانو ٻڌائيندا آهن. ان ڪان پوءِ هو ڪوٹ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي محافظ روح ۽ مينهن وسائيندڙ روح" کي روليءَ، ناريل ۽ پکين جون قربانيون پيش ڪري، ڪانئس هيءَ دعا پئندا هٿا: "اي آقا نالٺ، اسان فاني انسانن تي رحم ڪر ۽ مينهن کي نہ روڪ. جيئن اسان هي قربانيون دل کولي توکي پيش ڪريون ٿا، تيئن تون پڻ مينهن اسان تي ڏينهن رات وساءِ". ان کان پوءِ گدامريءَ جي وڻ جي روح جي اعزاز ۾ وڻ جي پاڙ ۾ شراب اوتيو ويندو هو، آخر ۾، ڪي پوڙهيون عورتون بهترين پوشاڪ پائي ۽ هار ۽ ايرنگ وجهي، هيڏانهن ويهي، مينهن جو راڳ گائيندڙيون هيون.

" وري وڻن جا روح فصلن کي پرپور ۽ پلو ٻڌائيندا آهن. مؤندري ٽيبلي وارن وٽ هڪ ڪوٺ کي پنهنجو پنهنجو هڪ مقدس پيلو هوندو آهي، ۽ انهيءَ "پيلي وارن روحن کي فصلن لاءِ ذميدار سمجهيو ويندو آهي ۽ انهن کي سڀني وڻن زرعي ميلن تي اعزاز ڏنو ويندو آهي." گولڊ ڪوسٽ جي حبشين کي ڪن ٻڌ ڌڻ جي پاڙن وٽ قربانين ڏيڻ جي عادت هوندي آهي، ۽ انهن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن انهن وڻن مان ڪنهن هڪ کي نہ ڪيرايو ويندو، ته سڄيءَ زمين جا ميوا ناس ٿي ويندا. ڪالا قوم وارا جوڙو جوڙو ٿي مقدس وڻن جي چوڌاري نچندا ۽ پيلي فصل لاءِ دعائون گهرندا آهن. هرهڪ جوڙي ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت هوندي آهي، هو ٻئي هڪڙي لٺ پڪڙيندا آهن، جنهن جي هڪ ڇيڙي کي هڪڙو پڪڙيندو آهي ۽ ٻئي کي ٻيو. سندن بغلن ۾ سائو سنگن وارو گاه دٻايل هوندو آهي. سڀڻ جا ڪڙمي هن اعتقاد کان هر ڪيڙيل زمين جي هرهڪ اوڙ ۾ ساوڻ پنن واري ڪاري کوڙيندا آهن ته ان طرح فصل پيلو ٿيندو. جرمن ۽ فرينچ قومن جو، "هارويسٽ-مي" (مٽي مهني جو لاباڙو) جي تقريب مان به ساڳيوئي نظريو ظاهر ٿئي ٿو. هڪ وڏيءَ ڪاريءَ يا سڄي وڻ کي آن جي سنگن سان سينگاري، ان کي لاباڙي تان ايندڙ ول سان پريل گاڏين جي آخرين گاڏيءَ تي ڪٽي گهر آندو ويندو آهي، ۽ ان کي زميندار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر يا ديري جي چت تي بڌي بيهاريو ويندو آهي، جتي اهو سڄو سال ائين بيٺو هوندو آهي. "مٿهاريڊ" ٿابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اها ٽاري يا اهو وڻ، نباتات جي عام روح جي حيثيت ۾ "وڻ جي روح" جو مظهر آهي، جنهن جو حيات بخش ۽ ڦردار بڻائيندڙ اثر اهڙيءَ طرح خاص طور اناج ۾ آندو وڃي ٿو. ان ڪري سوايا، ۾ 'هارويسٽ-مي' ڪي لاباري کان پوءِ پنيءَ ۾ باقي چڊيل اناج جي چند ڏڻن جي وچ ۾ بيهاريو ويندو آهي، جن هنڌن تي ان کي پنيءَ ۾ ڪوڙيو ويندو آهي ۽ آخرين ڀيل- اناج جا ڪي ڪڏا آن جي ٽڙ سان بڌا ويندا آهن.

ساڳيءَ طرح، "وڻ جو روح" ڇوڪائي مال جي ڏڻ ۾ برڪت آئي ٿو ۽ عورتن کي اولاد سان نوازي ٿو. اتر هندستان ۾ تلسيءَ جي وڻ کي پوتر سمجهيو ويندو آهي. ڪڏڻ مهيني جي يارهين تاريخ انهيءَ وڻ جي ٻاڙ ۾ ٻاڦيءَ جو نڌرائتو پيش ڪيو ويندو آهي، ان جي ٽڙ جي چوڌاري ڳاڙهو يا پيلو ڏاڳو ويڙهيو ويندو آهي، ۽ ان کان عورتن، جانورن ۽ فصلن کي ڦردار بڻائڻ جون دعائون پڙهون ويندڙون آهن. اتر هندستان ۾ ناريل کي انتهائي مقدس ڦل مان هڪ سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کي 'سري ڦل' يا 'آسود گيءَ جي ديويءَ سريءَ' جو ڦل، سڏيو ويندو آهي. ان ميوي کي ڦردار ڪرڻ يا آبادي جي علامت سمجهيو ويندو آهي ۽ سڄي اتر هندستان ۾ مندرن ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن کي اتان جا ٻڌمت اهڙين عورتن کي پيش ڪندا آهن، جي ماڻ ٿين جون خواهان هوندڙون آهن. قديم ڪالاباز ۾ "ڪنا" نالي هڪ شهر ۾ ناريل جو هڪ وڻ ٻڌل هو، جنهن جي هڪ ناريل ڪاڻ سان ڪهڙيءَ ۽ ستين عورت کي اولاد ٿيڻ جي ضمانت ملي ويندي هئي. يورپ ۾ "مي-ڊري" يا "مي-پول" کي به عورتن ۽ جانورن جي سلسلي ۾ ساڳين ڳوٺن جو حامل سمجهيو ويندو آهي، جنانچ جرمنيءَ جي ڪن علائقن ۾ هر سال پهرين مئي تي اتان جا ڪڙمي پنهنجن طبيلن ۽ واڙن جي دروازن اڳيان هڪ ڪهوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪنهن لاءِ هڪ "ميڪري" يا "ميبش" لڳائي ڇڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ هو سمجهندا آهن ته سندن ڪئن کي اُجهو ڪيرِ ٿيندو. آئرلينڊ جي ماڻهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سندن ويساهه آهي ته "ميڊي" ڏينهن جي ڪنهن ويل جي ساڻي تاري گهر جي جاءَ سان ٻڌي ويندي ته ان سال جي اونهاري ۾ اُن ميو کير ٿيندو. ويندڙ قبيلي واري مائن کي جولاءِ جي پهرين تاريخ ڪوٽ جي وچ ۾ شام بلوط جي وڻن کوڙيندا هئا. ان جي ڇوٽي ته لوڻ جو ڪڪرو ٻيهارينداهئا. بعد ۾ هوان جي ڇوڪرڙن نچندا هئا.

۽ چوپائي مال کي پلي ڪرڻ لاءِ ان جي ڇوڙاڻي ريڙيون ڏيارينداهئا. شرڪيا وارا ناسپاتي جي وڻ کي چوپائي مال جو محافظ سمجهندا آهن. جنهنڪري هو جهنگ مان هڪ ننڍڙو ناسپاتي وڻ وڏي گهر کڻي ايندا آهن جنهن کي ڪيوتا جي جڳهه ۾ پوچيندا آهن. ڏرني گهٽ هڪ گهر ۾ اهڙو ناسپاتي جو وڻ لڳل هوندو آهي. خزان جي موسم ۾ ميلني جي ڏينهن گهوڙا پاتي ڪڍجي ان وڻ کي وڏي شان سان ڏهلن ديئامن ۾ راڳ روپ سان گهر ۾ آيندا آهن. ان ڇاڻ تي ان جي وڏي مرحبا ڪئي ويندي آهي. سڄي وڻ کي موربتين شان ڏريو ويندو آهي. چوٽي وٽ پنير جو هڪ وڏو ڪيڪ ڏيو ويندو آهي. پوءِ سيني ملي ان جي چوڌاري ڪائيندا رهندا ۽ ڳائيندا آهن. آخر ۾ وڻ کي خدا حافظ چئي ان کي گهر ڪان ٻاهر خاطي ۾ ولهس ڪئي ويندا آهن جتي ان کي ديوار سان ٽيڪ لڳائي رکي ڇڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ ڇهن سال تائين ان ڏانهن موڙي اک ڪئي نه ڏسندا آهن ته ڪتي ڇيو آهي. ماڻوري قوم جي ٻوهو قبيلي وارا به "وڻ لاءِ سمجهندا آهن ته منجهن عورتن کي حامل بنائن جي قوت موجود آهي. انهن وڻن کي هو ننهنجن ڪن قديم ابن ڏاڏن سان وابسته ڪندا آهن. ۽ درحقيقت ٻورا سال اڳ تائين هو ننهنجن سيني ٻارن ڄڻا نالا انهن تي اچلائيندا هئا. ڪنڊ عورت اهڙي هڪ وڻ کي ٻانهون ۾ گهيري ٻاڪر پائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ جيڪڏهن هوءَ ان کي مشرق طرفان ڀاڪر وجهندي هئي تہ
کيس پٺ ملندو هو ۽ مغرب طرفان ٻانهن ۾ ساڻ کيس ڏي ڇڏيندي
هئي. مائي ڏي تي معشوقہ جي اڳيان ڪيا سندس گهر تي رهائي
ٻولي رکڻ جي ڪم ۾ زيورن ۽ سينگار ۾ شايد "وڻ" جي
آبادڪاري ۽ واري ۽ طاقت جي اعتقاد خان وجود ۾ آئي هوندي.
ٻوڙيا جي ڪن جهڙن ۾ ڪاڙي شادي ۾ ٽيل جوڙي جي گهرن
ساڻهون ۾ ڏاڙا ٻوڙا رکيا ويندا آهن ۽ اها رسم فقط تڏهن
ڇڏبي آهي، جڏهن اڻ جوڙ ۽ ويم ڦريت اڄي ڇهڻندو آهي. چوته
اهڙي حالت ۾ هو چوندا آهن تہ "مڙس اهو مئي جو ٻوڙو هاڻي پهنجي
لاءِ رکيو آهي." جنوبي سلئووينا جون سنڌي عورتون، جي اولاد جي
نعمت سان بهره ور ٿيڻ چاهيندڙون آهن، سينٽ جارج جي جنم
ڏينهن تي، ڪنهن ڪردار وڻ تي پنهنجو ٻولڪو لٽڪائي ڇڏيندڙون
آهن. ٻئي ڏينهن صبح جوسج نڪرڻ کان اڳ منجهائن هرڪا پنهنجي
ڪپڙي کي جاچي ڏسندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي ٻولڪي تي وڻ
جوڪو جاندار ڪيڙن چهڻيل هوندو آهي، تہ ٻوءَ هوءَ اها اميد رکندي
آهي تہ انهيءَ سال جي دوران ۾ سندس آرزو پوري ٿيندي. ان کان
ٻوءَ هوءَ اهو ٻولڪو پائيندي آهي ۽ ڪيس خاطري رهوندي آهي
تہ هوءَ ٻ اهڙي بهره ور ٿيندي، جڏڻو اهو وڻ هو جنهن جي
مٿان سنڌن ٻولڪي رات گذاري هئي. ڪاراڪر گهڙ قوم وارن جون
ٻي اولاد عورتون اولادي ٿيڻ خاطر ڪنهن اڪيلي صوف جي وڻ
هيٺان ليٽڻ پائيندڙون آهن. آخر ۾ عورتن کي سنڌن درد زه
۾ آساني بخشڻ جي قوت ٻ، آفريڪا ۽ سئيڊن ۾، وڻ ۾ موجود
سمجهي ويندي آهي. سئيڊن جي ڪن ضلعن ۾ اڳئين زماني
۾ هرهڪ ٻني ۽ جي قريب هڪ 'ٻاردٽراد' يا محافظ وڻ (لائيم، اٿش،
يا ايلم) هوندو هو. انهيءَ مقدس وڻ سان ڪوبہ هڪ ٻن نہ
ڇڏيندو هو، چو تہ ان کي ٿوري ۾ ٿوري ضرر رسائڻ جي سزا ۾ انتهائي
بدنصيبي يا بيماري هوندي هئي. ويم جي وقت آساني حاصل
ڪرڻ لاءِ حامل عورتون انهيءَ وڻ کي ٻانهن سان ڀاڪر پائيندڙون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. ڪانگو علائقي ۾ آباد حبشين جي ڪن قبيلن جون حامله عورتون هڪ مقدس وڻ جي چوڌاري مان پنهنجي لاءِ ڪپڙا ٺاهيندڙ آهن، چو ته سندن اعتقاد آهي ته اهو وڻ کين انهن تڪليفن کان نجات ڏيندو، جي ويم وقت عورتن کي برداشت ڪرڻيون پونديون آهن. اها ڳالهه ته ليڊو ديوي ۽ جاڙن ديوتائن، اپولو ۽ آرٽيمس، کي چڻ ڪان ٺورو اڳ، زيتون ۽ ڪجيءَ جي وڻ يا ٻڪرڙن ۽ سدا-سياون وڻ، کي پاڪ پاتو هو، شايد ڪن وڻن متعلق يونانين جي اهڙي ئي ڪنهن اعتقاد ڏانهن اشارو ڪري رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

جديد يورپ ۾ وڻن جي پوڄا جا آثار

"وڻن جي روحن" سان عام طرح جيڪي نيڪيءَ جون خصلتون وابسته ڪيون ويندڙيون آهن، تن جي مٿينءَ چڪاس سان هيءَ ڳالهه سمجهه آسان ٿيو ٿوي ته ڪهڙي سبب ڪان يورپي ڪرسٽن جي عوامي ميلن ۽ تقريبن ۾ 'مي-پول' (مئي جو لڪڙو) ۽ 'مي-ٽري' (مئي جو وڻ) جهڙيون رسمون اهڙيون عام جام ۽ اهميت واريون رهنديون آيون آهن. بهار ۾ يا شروعاتي اونهاري ۾ يا "مڊسمر ڊي"* تي يورپ جي گهڻن حصن ۾ اهو رواج هو ۽ اڃا به آهي ته اتان جا باشندا ٻيلن ۾ هليا ويندا آهن ۽ اتان هڪ وڻ وڏي ڪوٽ ۾ ڪٽي ايندا آهن، جتي ان کي ڏاڍن شادمانن سان وچ شهر ۾ نصب ڪيو ويندو آهي، يا وري اهڙن موقعن تي اهي ماڻهو جهنگ مان ڪاريون وڏي ڪٽي ايندا آهن، جي اڇي گهر گهر جي دروازي وٽ ٻڌي ڇڏيندا آهن. انهن رسمن جو مقصد انهن نعمتن کي ڪوٽ ۽ ان جي هر گهر ۾ آڻڻ هوندو آهي، جي 'وڻن جي روح' جي وس ۾ هوندڙيون آهن. انهيءَ ڪري ٽي ڪن هنڌن تي هر گهر جي اڳيان 'مي-ٽري' پوکڻ يا ڪوٽ جي 'مي-ٽري' کي هر هڪ گهر جي دروازي تي ڪٽي وڃڻ جي رسم موجود آهي، ته جيئن هر هڪ گهر کي انهن نعمتن مان پنهنجو پورو حصو ملي وڃي. انهيءَ موضوع تي جيڪي ثابتيون ۽ حقيقتون موجود آهن، تن مان چند مثال چونڊي، هيٺ پيش ڪيا وڃن ٿا.

سر هينري پيٽرسن پنهنجيءَ تصنيف "ڊسڪرپشن آف ويسٽ سيٽ" ("مغربي ملڪن جي پرمن ۽ ستسن جو بيان") ۾،

* اونهاري جي موسم جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن، جو ۲۱ جون تي ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنہ ۱۸۸۲ع ۾، لکندي چوي ٿو: "مئي جي شام جو، هرهڪ گلنب پنهنجي دروازي اڳيان هڪ سائو ٻوٽو نصب ڪندو آهي، جنهن جي مٿان پيلا گل وڏا وينڊا آهن، جي ٻنين ۾ گهٽي تعداد ۾ اپرندا آهن. جن ملڪن ۾ خمارتي ڪاڪ جام هوندو آهي، تن ۾ هڪ ڏڪهو سنهو وڻ نصب ڪيو ويندو آهي، جو سڄو سال اتي ٻيلو هوندو آهي. ڏاڪوڻ وڻ اهڙي ڪنهن ڪوڙيو ويندو آهي، جنهن جي ڪاٺ ۾ ڪو اڇيلي پوسان، وڃي ۾ سينه سان ٿو هو ائين سڏجهندو آهي جو جن ڪنهن شراب جي گنيءَ ۾ جو ڪو نشان آهي." نارڊمين شاعر، مئي جي ڏينهن) تي، هرهڪ گهر جي اڳيان ڪنهن يا ٻارهن فوٽ ڏڪهو وڻ اهڙي نموني نصب ڪيو ويندو هو جو اڌ ميلو ٿي جن ڏاهو ڪاوڙ ٿي اتي هو سڄي وڻ ۾ اڇا جي هيان ڏرتي تي گل ڇڻيل ويندا هئا. "پراڻين رسمن ۽ رواجن کي نجي ڪارنن قوم وارن ۾ اڃا تائين هلندين ٿا. جن ٽيون هڪڙي رسم به آهي ته پهرين مئي تي پنهنجن دروازن ۽ جاڻ ڪي ڪن خاص وڻن جي ٻاڦون پتن ۽ گلن سان سينگاريندا ۽ پنهنجن گهرن اڳيان وڻ يا وڻ جي ويجهل ڏڻن جي ڪرن ڪي نصب ڪندا آهن." شمال انگلستان ۾ پراڻي زماني ۾ هي رواج هو ته پهرين مئي جي صبح جو اڌ رات کان ٻوري هوئي نوجوان ماڻهو ننڊ مان بيدار ٿي ڏهن ڏماڻن ۾ سڳن مان ڦهل توڙن سان ٻيلن ۾ ويندا هئا جتي هو وڻ مان ڏاڙيون ٽوڙي انهن کي گلدستن ۽ گلن جي تاجن سان سينگاريندا هئا. اهو ڪم پورو ڪري، ڇڇ ڏڻ وقت هو واپس ورندا هئا ۽ گلن سان سينگاريل ڏاڙين کي پنهنجن گهرن جي دروازن ۽ ڏرين ۾ اڇي ڏڻدا هئا. برڪشاير ۾ ائينگنڊ ڇا نوجوان اڳين ڏينهن ۾ مئي جي صبح جو ٽولا ناهي نڪرندا هئا ۽ هڪڙو گيت ڳائيندا ويندا هئا جنهن جا هيڻيان ڇ منصرع آهن:

"اسين سڄي رات رلندا رهياسين آهيون،
ڪيڏي ۽ ڦهل ڦاٽين اڄ ڏ
۽ هينئر واپس ورندي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين آڻيون ٿا هڪڙو خوبصورت هار،
هڪڙو خوبصورت هار اسين اوهان ڏانهن آڻي رهيا آهيون،
اوهان جي دروازي تي اسين بيٺا آهيون،
اها ڪچڙي ۽ تازي شاخ آهي، جنهن ۾ انيڪ ڪڙيون ڦٽل آهن،
جا اسان جي مالڪ جي صناعيءَ جو شاهڪار آهي."

اسيڪس جي سفران والدون ۽ ڏيڏين جي شهرن ۾، پهرين مئي تي، نندڙيون چوڪريون ٽوليون ٽاهي ۽ هٿن ۾ هار ڪٽي، دردر تي گيت گائيندڙون ويندڙون آهن، جو قريباً مٿئين بيت جو هم معني هوندو آهي، هر هڪ هار جي وچ ۾ اڇن ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ ڪڏو رکيل هوندو آهي. ساڳئي قسم جون رسمون انگلنڈ ۾ به ادا ڪيون ويندڙيون هيون ۽ اڄ به ادا ڪيون ويندڙيون آهن. اهي هار گهٽو ڪري گول چلن جي صورت ۾ هوندا آهن، جي هڪڙي سان زنجير وانگر جڪڙيل رکيا ويندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته آئرلنڈ جي ڪنهن حصي ۾ مقامي ڪوٽاٽا اڄ به اهڙي قسم جو "زنجير" ڪٽي، جو جهنگلي پيلن گلن جي هارن جو ٺهيل هوندو آهي، ۽ جنهن جي وچ ۾ به گول ڪينهو لڳيل هوندا آهن، 'سي-ڊي' تي شهر ۾ گهمائيندا آهن. اهي به ڪينهو، جن جي مٿان ڪڏهن ڪڏهن سون ۽ چانديءَ جا ورق چڙهيل هوندا آهن، دراصل سچ ۽ چند جا مظهر چيا وڃن ٿا.

ووسجز جملن جي ڪن ڪولن ۾، مئي مهيني جي پهرين آرتوار تي، نوجوان چوڪريون ٽوليون ٽاهي در در تي ويندڙيون آهن، مئي جي تعريف ۾ گيت گائيندڙون ويندڙون آهن، جنهن ۾ "انهيءَ خوراڪ ۽ انهن ميون جو ذڪر ڪيل هوندو آهي، جي مئي مهيني ۾ ميسر ٿيندا آهن". جيڪڏهن ڪنهن پيسا ڏنا ويندا آهن، ته موٽ ۾ هو دروازي تي هڪ سائي ٽاري ٻڌي ويندڙيون آهن، جيڪڏهن ڪٿي پئسن ڏيڻ کان ڪنهن انڪار ڪيو ويندو آهي، ته اهي انهيءَ ڪٽنب کي اولاد جي ڪثرت ۽ خوراڪ جي قلت جي بددعا ڪري هليون ويندڙيون آهن. "مين" جي فرينچ علاقي ۾، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪرن جا ٽالا "ميلوڊينس" هوندا هئا، سي پهرين ۽ مٺي ٽي گيت گائيندا دُر دُر ويندا هئا، جنهن جي عيوضي ۾ ڪين پئسا يا شراب ڏنو ويندو هو، ۽ هو اهڙن گهرن جي درن تي نندڙا ٿي يا وڻ جون ٽاڪون ڪوڙي ويندا هئا. انليس علائقي ۾، سيورن نديءَ جي ڪناري سان ماڻهن جا گروه 'مي-ڏري' ڪٽي گهمندا آهن ۽ انهن جي درميان هڪ اهڙو ماڻهو هوندو آهي، جنهن کي اڇي قميص پهل هوندي آهي ۽ منهن ڪارو ٽيل هوندو اٿس. ان جي اڳيان هڪ ماڻهو وڏو 'مي-ڏري' ڪٽي هلندو آهي، ۽ سندس ٽولي جي هر هڪ ماڻهوءَ کي هڪ نندڙو 'مي-ڏري' هٿ ۾ هوندو آهي. جلوس ۾ شامل هڪ ماڻهو مٽي ٽي هڪ وڏو ٽوڪرو ڪٽي هلندو آهي، جنهن ۾ ماڻهن کان آڻا، گوشت، وغيره خوراڪ جو سامان ولندو جمع ڪندو ويندو آهي.

'ولسنبي' * کان اڳ جيڪو خميس جو ڏينهن ايندو آهي، تنهن تي روسي ڪوٽائا "ٻيلن ۾ ويندا آهن" گيت گائيندا آهن، هار پوئيندا آهن ۽ هڪ نندڙو وڻ وڌي ان کي زنانا ڪپڙا پارائيندا آهن يا وري رنگارنگي اڳرين ۽ ريبن سان سينگاريندا اٿس. ان کان پوءِ هڪ دعوت منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ هو سينگاريل وڻ کي ڇڪندا، گائيندا ۽ خوشيون ڪندا، گوٺ ڏانهن گهر ڪٽي ويندا آهن، ۽ ان کي هڪ گهر ۾ وڃي رکندا آهن، جتي اهو اينڊرو ولسنبي واري ڏينهن تائين 'معزز مهمان' جي حيثيت ۾ رکيو رهندو آهي. وچ وارن ٻن ڏينهن (جمعي ۽ ڇنڇر) تي هو انهيءَ گهر ويندا آهن، جتي سندن 'مهمان' لڏل هوندو آهي. ٻئين ڏينهن ولسنبي تي هو ان کي پاسي واريءَ نهر تي ڪٽي ويندا آهن ۽ ٽئي ان جي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندا اٿس، جنهن ڪان پوءِ مٺس گل ۽ گلن جا هار اڇلائيندا آهن." انهيءَ روسي رسم ۾ وڻ کي زنانن ڪپڙن پارائڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته وڻ کي ڪهڙي واضح نمونيٰ 'شخصيت' جو رنگ ڏنو ويو آهي، ۽ ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ شايد مينهن وسائڻ

* ايسٽر جي عيد جي تقريب کان پوءِ ٻئون آرتوار، جنهن تي روح القدس جي نزول جي اعزاز ۾ خوشي ڪئي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪ ٽوٽو آهي.

سئيڊن جي ڪن حصن ۾ 'مي-ڊي' جي شام جو نوجوان ڇوڪرا هٿن ۾ سايون ٽاريون ڪٽي، جي ٽوريون گهٽيون پنن سان ڊيڪل هونديون آهن، باهر گهمندا آهن. ڪوٽ جي لنگهي ڪي سان ڪٽي، هو مئي مهيني جا گيت گائيندا، در در جو چڪر هڻندا آهن. سندن گيتن ۾ خوشگوار آب هوا، پرپور لاباري ۽ ديني ۽ دنيوي نعمتن لاءِ دعائون شامل هونديون آهن. انهن سان هڪڙو ڇٽو ٽوڪرو ڪٽي هلندو آهي، جنهن ۾ هو هرڪنهن کان آنن وغيره جون سوڪڙيون ونندو گڏ ڪندو ويندو آهي. جتي جتي سندن آجيان ڪئي ويندي آهي، اتي هو انهيءَ گهر جي دروازي ٻاهران چٽ ۾ هڪ سائي ٽاري الڪائي ويندا آهن. پر سئيڊن ۾ عام طرح اهي رسمون 'ميسمر' واري ڏينهن ادا ڪيون ويندين آهن. سينٽ جان جي شام جو (۲۳ جون) گهرن جي صفائي ڪئي ويندي آهي ۽ انهن کي سبز ٽارين ۽ گلن سان خوب سينگاريو ويندو آهي. زمينداري گهرن جي دروازن ٻوٽ ۽ انهن جي آسپاس ننڍا وڻ پوکيا ويندا آهن، ۽ باغ ۾ گهٽو ڪري ساون پنن سان ڊيڪل ٽارن سان ننڍا گهرڙا ٺاهيا ويندا آهن. اسٽاڪهوم ۾ انهيءَ ڏينهن پنن جي بازار منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڇهن انچن کان وڏي ٻارهن فوٽن جي ديگهه وارا هزارين 'مي-پول' جن کي پن، گلن، رنگا رنگي ڪاغذن جي ٽڪرن، ڪانن ۾ پويل ۽ سونن ورقن لڳل آنن جي گلن وغيره سان سينگاريو ويندو آهي، وڪري لاءِ رکيا ويندا آهن. ٽڪرين ۾ ٽي ٻاهر جا ماڻهو ٻاريا ويندا آهن ۽ انهن جي چوڌاري ماڻهو نچندا ۽ مٺائن ٽهندا آهن. پر انهيءَ ڏينهن جو خاص مزو 'مي-پول' (مئي جو جهنڊو) نصب ڪرڻ وقت ٿيندو آهي. اهو هڪ سڏو ڊگهو ۽ صاف چيل جو وڻ هوندو آهي، جنهن جون سڀ ٽارون ڇانگيون ويندين آهن. "ڪن وقتن تي گول چڪرا ۽ ڪن تي ڪالين ۽ جا ٽڪرا، جي ٽوري ٽوري فاصلي کان پوءِ ماڻڀاڻيءَ وانگر هڪٻئي مٿان رکيل هوندا آهن، ان ڪري لڳل هوندا آهن، ٻين وقتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ان جي چوڻيءَ تي صليب جي شڪل جھڙيون ۽ ڪاليون لوڪيل هونديون آهن، جن تہ ڪو ماڻهو چيلهہ تي هٿ رکي، لوڻيون ٻاهر ڪڍيو ٻيٺو آهي. تنهن کان وڌي چوڻيءَ تائين، نہ فقط 'مي-پول' خود، پر چڪرائ صليب نما ڪاليون وغيره سڀ ٻڌن، گلن، رنگ برنگ قسم جي اڳڙين، آڻن جي سونڻ ورڻن لڳل گلن، وغيره، سان سينگاريل هوندا آهن ۽ انهن سڀني جي مٿان 'هوا جو ڪڙ' يا شايد هڪ جھنڊو لڳل هوندو آهي." 'مي-پول' کي مٿي ڪٺ جي رسي، جنهن کي ڪوٽ جون ڪنواريون چوڪريون ٽي ايترو سينگاريندڙ آهن، تمام گھڻن سائڻ سوڻن سان ادا ٿيندي آهي، هڙ طرف کان ماڻهو اچي، ان جي اردگرد جمع ٿي، هڪ وڏي حلقي ۾ نچندا آهن. ساڳئي قسم جون 'مي-سمر' ڏڻ جون رسمون جرمنيءَ جي ڪن حصن ۾ ادا ڪيون ويندڙ هيون. چنانچہ بالائي هارز جبلن جي شهرن ۾ ڏکڻ چنار جي وڻ کي، جن جي ڇڻ جي هيٺين حصن تان چوڏاڙ لاڙل هوندا هئا، کليل ميدانن ۾ ڪوڙيو ويندو هو ۽ انهن کي گلن ۽ آڻن جي ڪلن سان سينگاريو ويندو هو، جن تي پيلو ۽ سرخ رنگ ڏنل هوندو هو. انهن وڻن جي چوڌاري نوجوان ڏينهن جو ۽ پوڙها شام جو نچندا هئا. بوهيميا جي ڪن علائقن ۾ ۽ سينٽ جان جي تقريب واريءَ شام جو 'مي-پول' يا 'مڊ-سمر-ٽري' ڪوڙيو ويندو آهي، چوڪرا ٻيلي مان ڏکڻ چيل يا چنار جا وڻ ڪٽي ايندا آهن ۽ انهن مان ڪنهن هڪ کي خاص طرح ڪنهن اوچيءَ جاءَ تي نصب ڪندا آهن، جتي چوڪريون ان کي گلدستن، هارن ۽ سرخ ربنن سان سينگاريندڙ آهن، جنهن کان پوءِ ان کي ساڙيو ويندو آهي.

يورپ جي مختلف ملڪن، جهڙوڪ انگلنڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ 'مي-ڊي' تي 'مي-ٽري' يا 'مي-پول' نصب ڪرڻ جي جيڪا رسم، عام جام ادا ٿئي ڪئي ويئي آهي، تنهن جا گھڻا مثال ڏيڻ بيسود ٿيندا. بهرحال انهن جا چند مثال ڏجن ٿا، جي ڪافي ٿيندا. فلپ اسٽبس نالي هڪ 'پيوريٽن (*Puritan*) مصنف، پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور ڪتاب "اٽلانٽامي آف ايبوزز" ("بدڪارين جي ساخت ۽ صورت") ۾، جولنڊن ۾ پهريون دفعو سنہ ۱۵۸۳ع ۾ شايع ٿيو هو، ڏاڍي نفرت آميز نموني سان بيان ڪيو آهي ته، ٽيڪ راڻيءَ ايس (ايلزبيٿ) جي ڏينهن ۾، 'مي-پول' ڪهڙي تاب طوفان سان ميدان ۾ آندو ويندو هو. سندس بيان مان اسان کي قديم انگلنڈ جي هڪ چٽي جهلڪ ملي ٿي. "'مي-ڊي' 'ونسنڊي' يا ڪنهن وقت تي سيٽي نوجوان چوڪرا ۽ ڪنواريون چوڪريون، پوڙها مرد ۽ زالون راتو رات ٻيلن، هڙين، ٽڪرين ۽ جبلن ڏانهن پڄي ويندا آهن، جتي اهي سڄي رات خوب خوش-مزاجيءَ ۽ عيش سان گذارينڊل آهن، ۽ صبح جو ٻاڻ سان 'برچ' ٽالي وڻ ۽ ٻين وڻن جون ٽاريون ڪٽي ايندا آهن، جن سان هو پنهنجي گهرن کي سينگاريندا آهن. انهن مان هڪ 'وڏو سردار' ٽيندو آهي، جو سڀن تفريح ۽ وندر جي انهيءَ محفل مٿان ميئر محفل جو ڪردار ادا ڪندو آهي، يعني خوبه دوزخ جو شهزادو يا شيطان هوندو آهي. پر اهي ماٺهو جيڪي ٻ جهنگ مان پاڻ سان گڏ ڪٽي ايندا آهن، تن مان سڀني کان زياده اهميت واري نعمت سنڊن 'مي-پول' هوندو آهي، جنهن کي هو تمام وڏي احترام سان ڪٽي ايندا آهن، جو هن طرح هوندو آهي؛ وڻن ڏاڻن جون ويهه يا چاليهه پاڇاريون هونديون آهن، ۽ ڏاڻن مان هڪ ڏاڪي جي سڳن جي چوڌين تي خوشبودار گلن جو گلدستو لڳل هوندو آهي، ۽ اهي ڏاڪا انهيءَ 'مي-پول' (يعني انهيءَ بدبودار بت) کي گهر ڪٽي ايندا آهن، جنهن کي گلن ۽ پوڙن سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ ڪن وقتن تي ان کي مختلف رنگن سان رڱيو ويندو آهي، جنهن جي پٺيان ٻ ٽي سو مرد، زالون ۽ ٻار انتهائي ادب سان پنڌ پيا ايندا آهن. اهڙيءَ طرح ان کي لاهڻ جوڙڻ ڪان پوءِ، ان جي چوڌيءَ تي رومال ۽ جهنڊا ڦڙڦڙ ڪندا رهندا آهن ۽ آسپاس جو سڄو ميدان پلال ۽ گاه سان ڍڪيو ويندو آهي. ان جي چوڪرد سبز ٽارين ٻڌيون ويندين آهن ۽ پاسي ۾ گلن ۽ پنن سان ننڍڙا ڪمرا ۽ ڪوٺيون اڏيون ويندين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ان کان پوءِ هو ان جي چوگرد آهڙي نموني سان نچڻ شروع ڪندا آهن، جيئن بت پرست پنهنجن بتن جي چوڌاري ان وقت نچندا هئا، جڏهن انهن کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪجهه اربع ڪرڻو هوندو هو، هي ناچ ان جو هڪ مڪمل نمونو آهي يا جئين ته ساڳيوئي ناچ آهي ته صحيح ٿيندو. مون معتبر، مشهور ۽ سنجيده ذريعن کان ٻڌو آهي (۽ سو به سڀني سڀني) ته چالين، ٽن ڏينهن يا هڪ سو ڪنوارين چوڪرين مان، جي راتو رات پيلي ۽ اهليون وينديون آهن، لاچار ڪري ٽئين جهڙي جيترين بغير پليت ٿيڻ جي، گهر موٽنديون آهن."

سوايا ۽ مئي جي پهرين تاريخ تي چنار جو هڪ ڏڪهو ون ڪوٽ ڪٽي ايندا هئا، جتي ان کي ربنن سان سينگاري نصب ڪيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ ماٿهو سازن جي سر ۽ تار تي ان جي چوڌاري خوشيءَ وچان نچندا هئا. اهو ون ڪوٽ جي چراگاه ۾ سڄي سال تائين تيسين ڪتل رهندو هو، جيسين ايئي مي-ڊي تي وري نئون تازو ون آڻي آندو ويندو هو. سنڪسنيءَ ۾ "ماٿهو اونهاري" کي فقط علامتي طور (بادشاهه يا راڻيءَ جي جيئيت ۾) وڻ وٽ اڻي آڻڻ ۾ راضي ڪونه ٿيندا هئا، هو پيلي ماني قازي ساوڪ يعني مي يا "وٽسنٽائيڊ" وڻن کي پنهنجن گهرن تائين ڪٽي ايندا هئا، جن جو ذڪر تيرهين صدي عيسويءَ کان پوءِ جي دستاويزن ۾ ٿيل آهي. مي-ڊي کي ڪٽي اچڻ ۾ هڪ تقريب هوندي هئي. مي وڻ کي ڪولهه لاءِ ماٿهو پيلن ۾ ويندا هئا. نندڙا وڻ ڪولن ڏانهن ڪٽي ايندا هئا ۽ انهن کي گهرن، واڙن يا ڪمرن جي دروازن اڳيان نصب ڪندا هئا. نوجوان چوڪرا، جيڪي منڊي چئي آيا آهيون، مي-ڊي کي پنهنجن محبوبياڻين جي ڪمرن اڳيان نيٽي بوڪيندا هئا. انهن گهريلو مي وڻن کان علاوه، هڪ وڏو مي-ڊي يا مي-لڪڙو، جنهن کي ٻن شاندار جلوس سان ڪوٽ ۾ آندو ويندو هو، ڪوٽ جي وچ تي يا شهر جي مارڪيٽ واري جاءِ تي نصب ڪيو ويندو هو. ان جو انتخاب سڄيءَ قوم طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيو ويندو هو، جي نهايت خبرداريءَ سان ان جي حفاظت ڪندا هئا. وڻ کي ڪٽو ڪري ان جي ڪارين ۽ ٻنن کان صاف ڪيو ويندو هو، ۽ ڇوليءَ کان علاوه ٻي ڪابه شيءَ ان مٿان ڪانه ڇڏي ويندي هئي، جنهن تي رنگا رنگي ريبن ۽ ڪپڙن سان گڏ مختلف قسمن جا ڪاغذ جهڙوڪ چٺيون ڪيڪ ۽ آنا نمائش لاءِ رکيا ويندا هئا. انهن تبرڪ وارين چيزن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو جا نوجوان ڏاڍو پاڻ ٻوڙيندا هئا. اڄ ڪالهين يورپ جي سڀني ئي جيڪي سٽيا لڳ ڀڳ ڪٽل ڏٺا ويندا آهن، تن ۾ اسان کي انهن پراڻن ٻڌن ٻولن جو نشان ملي ٿو. عام طرح پيادل يا گهوڙي جي پٺيءَ تي سوار ٿي ٻڌي ڪالهين ٻوڙ پڄائي ويندي هئي- اها ڪوسٽائيڊ جي هڪ تفريح آهي، جنهن جون وقت گذرڻ ڪري اصل مقصد تہ فوت ٿي ويو آهي، پر اها جرمنيءَ جي گهٽ حصن ۾ هڪ هردلعزيز رسم طور اڃا تائين زنده رهندي آئي آهي، ۽ ماڻهن جي هڪ مقبول عام راند ۽ وندر آهي. يورپين ٻڌن ٻولن ٿي نهر هڪ گهٽيءَ جا چوڪرا پنهنجيءَ پنهنجيءَ گهٽيءَ ۾ لهڪ ٻڌي ٻولڻ کوڙيندا هئا، جنهن کي اهي گلن جي هار ۽ هڪ وڏي تاج سان سينگاريندا هئا ۽ هر شام جو سڄي مهيني جي دوران ۾ ٻنهي جنسن جا نوجوان گيت گائيندا لڳڻي جي اردگرد نچندا هئا. عيش پسند پراوينس علاقي جي هر ڳوٺ ۽ واهر ۾ اڄ به ٻڌي ٻولي ٿي گلن ۽ ريبن سان سينگاريل ٻڌي نصب ڪيا ويندا آهن، جن جي هيٺان ويهي جوان چوڪرا ۽ چوڪريون موجون ۽ مزا ڪندا آهن ۽ ٻوڙها آسائش ولندا آهن. انهن سڀني حالتن ۾ ظاهر آهي تہ رسم اها هئي يا اڃا تائين آهي، تہ هر سال هڪ ٻئون ٻڌي ٻولي آندو ويو. بهرحال، انگلنڈ ۾ ڳوٺ جو ٻڌي ٻولي دستوري طور، ڪم از ڪم پوئين زماني ۾، مستقل طور ٻيهر نظر ايندو هو. ۽ هر سال ٻئون ڪوٽ ٿي ڪيو ويو. اڀر ٻويريا جا ڳوٺ، هر ٽئين، چوٿين يا پنجين سال پنهنجا ٻڌي ٻولي ٿوان ڪندا آهن. اهو لڳڻو ٿورو نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ وڏ هوندو آهي، جو ٻيلي سان آندو ويندو آهي، ۽ ان کي جن مازن، جهنڊن ۽ تحريرن سان سينگاريو ويندو آهي، تن سڀني جي وچان ان جو اهم ترين حصو لکڑي جي جوڙي ۽ تي چڌيل تيز ساون پنن جو هڪ جهڳٽو هوندو آهي، جو ان حقيقت جي "ياد" تازي ڪرائڻ لاءِ هوندو آهي تہ جنهن لکڑي سان اسان جو اڄ واسطو آهي، سو ڪو مرده ڪاٺ جو حصو نہ، پر سائي ٻيلي سان آڌل خود هڪ زنده وڻ آهي"۔ هن ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ڪانہ ٿي نظر اچي۔ تہ اوائل ۾ هر هنڌ هر سال نئين 'مي-ڏري' نصب ڪرڻ جي رسم هوندي هئي، جيئن تہ انهيءَ رسم جو مقصد هيءَ هو تہ موسم بهار ۾ نئين سر سجاڪ ٽيل نباتات جي ڪردار ۾ جن جي قوت کي ڀاڻ تائين پهچايو وڃي، ان ڪري جيڪڏهن هڪ تازي، رس دار ۽ زنده وڻ بدران، هڪ پراڻي ۽ ڪوماڻيل وڻ کي سال پسال نصب ڪيو وڃي ها، يا ان کي مستقل طور ساڻي ويهن ڏنو وڃي ها، تہ ان رسم جو اصلي مقصد فوت ٿي وڃي ها۔ بهرحال، جڏهن انهيءَ رسم جي اصلي معنيٰ ۽ مفهوم فراموش ڪيو ويو ۽ 'مي-ڏري' کي فقط موڪلن جي مزن جو مرڪز بڻايو ويو، تڏهن ماڻهن هرسال نئين وڻ وڍڻ جي ضرورت ڪانہ سمجهي ۽ ساڳئي-ٻي وڻ کي مستقل طور هڪ هنڌ کوڙي چڌڻ کي ترجيح ڏني ويئي۔ فقط ان کي 'مي-ڏي' تي تازن گلن سان سينگارڻ ڪافي سمجهيو ويو۔ 'مي-ڏري' جيتوڻيڪ اهڙيءَ طرح دائمي طور هڪ هنڌ کتل رهيو، تڏهن بہ ڪن وقتن تي الٽ ان کي ٻيائي ۽ تازي وڻ جي شڪل صورت ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي۔ چنانچہ جيشاير ۾، ويورهئم وٽ ٻہ مئي-لکڑا آهن، جن کي انهيءَ ڏينهن (مي-ڏي تي) قديم زماني جي پوريءَ رسمي پختگيءَ سان سينگاريو ويندو آهي، انهن جي پاسن ڪاٺ گلن جا هار لٽڪايا ويندا آهن ۽ جوڙي تي هڪ سنهو ۽ ڊگهي وڻ جو گوشو ٻڌو ويندو اٿن، جنهن جا ٻئي ٿابت ٻيل هوندا آهن، ان وڻ جي گوشي کي چوڏو لاهي چلهو ويندو آهي ۽ لکڑي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي نموني ڪنديو ويندو آهي، جو لڪڙو چوڻي ڪان ولي سڄو هڪ وڻ نظر اينڊو آهي". اهڙيءَ طرح "مي-ٽري" ڪي نئون ڪرڻ ائين آهي جيئن "هارويسٽ مي" (مي جي لاباري جي نشان) ڪي نئون ڪرڻ، پنهي ماڻ هڪ جو مقصد نباتات جي قرجه ۽ پورجڻ جي خصلت کي جاڳائڻ ۽ ان ڪي سڄي سال سال جي دوران ۾ پاڻ وٽ محفوظ رکڻ جو هوندو آهي. ان "هارويسٽ مي" جو اثر فصلن کي وڌائڻ تائين محدود آهي. "مي-ٽري" يا "مي-برانچ" (مئي شاخ) جو اثر، جيئن اسين ڏسي چڪا آهيون، عورتن ۽ ڇوڪرين ۾ ٿئي ٿو. آخر ۾، هي گهڻو قابل غور آهي ته ڪن وقتن تي پراڻي "مي-ٽري" کي سال جي خاتمي وقت ساڙيو ويندو آهي. چنانچه هراڳ ضلعي ۾ نوجوان شهر جي "مي-ٽري" کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجن گهرن ۾ مقدس تصورن جي پنيان رکي ڇڏيندا آهن، جتي اهي ٻئي "مي-ڊي" تائين رکيا هوندا آهن، ۽ تنهن کان پوءِ اهي گهر جي چوڌاري ساڙيا ويندا آهن. ورٽيمبرگ ۾ "بام-سنڊي" (ناريل وارو آرتوار) تي جهنگلي ساوا ٻوٽا گهرن تي نصب ڪيا ويندا آهن، مي سڄو سال اتي ٻيا هوندا آهن، جنهن کان پوءِ انهن کي اتان لاهي ساڙيو ويندو آهي.

هيلتائين اسان "وڻ جي روح" کي وڻ اندر سمايل يا وڻ جي باروح هئڻ جي موضوع تي بحث ڪيو آهي. هينئر اسان کي اهو ڏيکارڻو آهي ته ڪن حالتن ۾ وڻن جي روحن کي وڻن کان جدا انساني شڪل و صورت ۾ ۽ ڪن حالتن ۾ خود زنده مردن ۽ عورتن ۾ سمايل سمجهيو ويندو آهي. وڻ جي روح جي انساني شڪل و صورت ۽ انساني وجود ۾ موجودگيءَ جون ثابتيون اسان کي گهڻي قدر يورپي ڪلچر جي پسنديده ۽ عام رسمن ۽ رواجن ۾ ملن ٿيون.

انهن ۾ کي اهڙيون سڀ آميز حالتون آهن، جن ۾ "وڻن جي روح" جي نمائندگي هڪ ئي وقت نباتاتي ۽ انساني شڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و صورتن ۾ کيل آهي، جي گڏ و گڏ اهڙيءَ طرح آندل آهن، جن ۾ اهي خاص طور هڪجهڙي جي مقصد ۽ معنيٰ سمجهائڻ لاءِ ئي انهن قائم رکيون ويون آهن. انهن خالقن ۾ "ون جي روح" جو انساني نمائندو گڏهن گڏهو هوندو آهي، ته گڏهن کي جيڏو ماڻهو، ۽ گڏو هجي يا ماڻهو، ان کي ضرور ون يا ڪنهن تاريءَ جي ۽اسي ۾ رکيو يا وٺهاريو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح ماڻهو يا گڏو ۽ ون يا تاري گڏجي هڪ اهڙي دو-زباني تحرير ٺاهي وڃهندا آهن، جنهن ۾ ڪٿي ڇڄي ته هڪ پوليءَ جي بعد ٻي پوليءَ ۾ ٻيهر پڙهجي. ان ڪري اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش باقي ڪانه ٿي بچي ته "ون جي روح" جي نمائندگي سچ پچ انساني صورت ۾ ٿيلي ڪئي وڃي ٿي. چنانچه بوهيميا ۾ لينٽ* جي جوڙين آرٿوار تي اتان جا نوجوان "موٽ" نالي هڪ گڏي کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. ان کان پوءِ چوڪريون پيلي ۾ وينديون آهن ۽ هڪ نيڙو ون وڏي ان کي هڪ اهڙيءَ گڏيءَ سان ٻڌنديون آهن، جنهن کي اڇي رنگ جا زنانا ڪپڙا پارايل هوندا آهن. انهيءَ ون ۽ گڏيءَ کي پوءِ سان ڪٽي اهي گهر گهر وڃي بخشيشون وٺنديون آهن ۽ هيٺين ٽل وارو گيت ڳائينديون آهن:

"اسين موت کي ڪوٽ کان ٻاهر لوڏي ڏيون ٿيون،
اسين اونهاري کي ڪوٽ ڏانهن وڌي اچي ٿيون."

هتي، جيئن اڳتي هلي ڏسنداسون، "اونهارو" ٻاتات جو روح آهي، جو موسم بهار ۾ دوباره زنده ٿئي ٿو يا موٽي اچي ٿو. انگلنڈ جي ڪن حصن ۾ ننڍا ٻار "مي-پول" جا ننڍڙا نمونا ۽ سهڻن ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ گڏي سان ڪٽي، جنهن کي هو "ليڊي آف دي من" (مئي جي خاتون) سڏيندا آهن، ڪوٽ ۾ ڦرندا ۽ هرهڪ کان ڏوکڙ گهرندا وٺندا آهن. ظاهر آهي ته انهن خالقن

* ايسٽر جي ڏينهن ٽائين پورن ٽيڪڙ چاليهن ڏينهن جو عرصو، جنهن ۾ مسيحي روزا رکندا آهن ۽ پاڻ کي دنيوي لعٽن کان بچرم رکندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ به وڻ ۽ گڏي ۽ کي همسر سمجهيو وڃي ٿو.

اٽلسيڪ علائقي ۽ ٽان شهر وٽ، اڇن ڪپڙن ۽ ملبوس هڪ چوڪريءَ، جنهن کي "ليل مي روز" (مئي جو نينڊرو گلاب جو گل) سڏيو ويندو آهي، گلن جي هار ۽ ريبن سان سينگاريل هڪ نينڊرو 'مي-ڊري' کڻي هلندي آهي. ان جون ساهيڙيون هيٺيون گيت گائيندي ۽ گهر گهر مان خيرات وٺنديون ويندڙيون آهن:

"نينڊري 'مي-روز' کي دعا ڪيرا پاءِ،
اسان کي چوڏاري چوڏاري، ٻاڻ ڏسڻ ڏي!
اي مئي سندا گلاب جا گل، اسان سان گڏ سائي پيلي ڏانهن هل،
اسين سڀ خوش ٿيندڙونسين،
ڇو ته اسين مئي ڪان گلاب جا گل وٺڻ ٿيون وڃون."

انهيءَ گيت جي دوران ۽ هن خواهش جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته جيڪي ڪجهه خيرات نٿا ڏين، تن جي پڪين کي چهنڪلي پلو ڪائي وڃي، انهن جي ولين ۽ انگور جا ڇڳا نه لڳن، سندن وڻ قر نه جهلين ۽ انهن جي ٻنين ۽ اناج نه ايري، سال جي پيداوار جو ذاومدار انهن مئي-گائيندڙن کي آڇيل سوکڙين ڪکڙين تي سمجهيو ويندو آهي. هتي ۽ مئي ذکر ڪيل حالتن ۽، جتي نينڊا پار 'مي-ڊي' تي سايون ٽاريون ۽، هار کڻي گائيندا ۽ پسا جمع ڪندا ويندا آهن، ان تقريب جي معنيٰ اها هوندي آهي ته نباتات جي روح سان گڏ هو گهر ڏانهن سکر پسائي ۽ خوشبختي کڻي اچن ٿا ۽ انهيءَ خدمت سرانجام ڪرڻ لاءِ هو سڀني کان پٺسن ملڻ جي اميد رکن ٿا. روسي لٽائنيا ۽، مئي مهيني جي پهرين ۽ تاريخ تي، اتان جا ماڻهو ڪوٺ جي منهن وٽ هڪ ساڻو وڻ نصب ڪندا هئا. ان کان پوءِ ڪوٺاڻا نوجوان سڀني کان زياده خوبصورت چوڪري منتخب ڪري، ان کي تاج پارائي، وڻن جي سائين ٽارين سان جهنجهي، 'مي-ڊري' جي نزديڪ آڻي بيهارينديا هئا، جتي هو گائيندا، نچندا ۽ شور و غل مچائيندا هئا: "او مئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او مٽي!" براءِ علائقي ۾ "مي-لري" ڪوٽ جي وچ ۾ بيهاريو ويندو آهي، ان جي چوٽيءَ تي گلن جو تاج رکيو ويندو آهي، ان کان هيٺ پرو ان کي پٽن ۽ ڪڇڙين، تارين سان ڍڪيو ويندو آهي، ۽ اڃا به هيٺ وڏين سائين شاخن سان، ڇوڪريون ان جي چوگرد نچندڙيون آهن ۽ ساڳئي وقت پٽن سان ڊاکيل چوڪرڻي کي، جنهن کي "بابا-مي" سڏيو ويندو آهي، وٽن جي چوڌاري ڦيرايو ويندو آهي، اتر بٿوريا ۾ فرنٽين والد جبلن جي نندن شهرن ۾، ٻي مٽي تي، شرابخاني جي ساٿهون "والبز" نالي هڪ وڻ ڪڙو ڪيو ويندو آهي، مٽي کان، وڻي پيڙن تائين ساون پٽن سان ڊاکيل هڪ ماڻهو جنهن جي مٽي تي آن جا سنگ اهڙي نموني ڄڻ رکيل هوندا آهن، جو تاج جي ڏک ڏيندا آهن، ان جي چوڌاري نچندو آهي. انهيءَ ماڻهوءَ کي به "والبز" سڏيو ويندو آهي، ۽ ڪيس گهٽين ۾ ان جلوس جي صورت ۾ ڦيرايو ويندو آهي، ۽ ان موقعي تي گهٽين کي ۽ وٽن جي ڪڇڙين شاخن سان سينگاريو ويندو آهي.

ڪارتثيا ۾ آباد ڪيل سلئو نسل وارا نوجوان سينٽ جارج جي ڏينهن تي (۲۳ اپريل) هڪ وڻ کي، جنهن کي انهن ميلي جي شام جو ڪيرايو هوندو آهي، گلن ۽ هارن سان سينگاريندا آهن، ان وڻ کي پوءِ ڏهلن، باجن ۽ خوشيءَ جي نعرن سان جلوس جي صورت ۾ ڦيرايو ويندو آهي، پر انهيءَ جلوس جي اهم شخصيت، مٽي کان وڻي پيڙن تائين ساون پٽن سان ڊاکيل هڪ نوجوان هوندو آهي، جنهن کي "گرين جارج" (سائو جارج) چوندا آهن. انهن رسمن جي آخر ۾ گرين جارج کي، يعني انهيءَ جي ٻوٽي کي، پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. ان وقت نوجوان "گرين جارج" جي ڪوشش هيءَ هوندي آهي ته پٽن واري پوش مان هو اهڙيءَ ڪاريگريءَ سان نڪري وڃي ۽ پنهنجي عوض ان ۾ بت وجهي ڇڏي، جو ڏسندڙن کي انهيءَ تبديليءَ جو پتو نه پوي. گهٽن هنڌن تي خود گرين جارج جي ڪردار ادا ڪندڙ چوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ئي اونهاري ۾ ٻنين ٻارن کي سائي ڪرڻ لاءِ ميڙهن جي ٻڪ ڪرڻ خاطر ندي يا تلاءَ ۾ غوطا کارايا ويندا آهن. ڪن هنڌن تي وري چوپائي مال کي تاج پارائي وڻائڻ تان ڇوڙي ڏيڻ انهن جو ڏانهن هوڏانهن ڦيرائيو ويندو آهي. ۽ سا ڪئي وقت هي گيت ڳايو ويندو آهي:

"گرين ڪارن کي اسان آندو آهي
گرين ڪارن سان اسين گڏ آهيون
شل هو اسان جي ڏڻ کي ڪاراڻي ڏيڻ ڪرائي!
تہ تي هلو تہ ان سان گڏ وڃ ۽ سڀ پاڻي ڏانهن هلون!"

هت ايترن ڏسون ٿا تہ وڻ جي روح کي وڻ ۽ سمايل سمجهڻ واري حالت ۾ ميڙهن وسائڻ ۽ چوپائي مال کي متاري ڪرڻ جون جيڪي طاقتون ان ڏانهن منسوب ڪيون وڃن ٿيون، اهي سڀ ڪيون توڙون ڦيرائي ان ماڻهوءَ سان وابستي ڪيون وڃن ٿيون، جيڪو "وڻ جي روح" جو ظهورو يا نمائندو سمجهيو وڃي ٿو. يا جنهن جو هن کان پارٽ ادا ڪرايو وڃي ٿو.

ڏرانسلوانيا ۽ رومانيا جي خاص بدوش قبيلن ۾ "گرين ڪارن" جي تقريب موسم بهار جي هڪ خاص عيد هوندي آهي. انهن مان کي اهو ڏڻ ايسٽر واري هفتي تي ۽ يا وري سينٽ جارج (۲۳ اپريل) واري ڏينهن ملهائيندا آهن. انهيءَ ڏڻ واريءَ شام تي جيڪو هڪ نئين وڻ وڏي ان کي هارن ۽ پن سان سينگاريو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان کي زمين ۾ کوڙيو ويندو آهي. ان جي ڀرپاسي واريون زالون پنهنجن ڪپڙن مان هڪ انهيءَ وڻ هيٺان رکي رات جو هليون ويندیون آهن. پئي ڏينهن صبح جو جيڪڏهن ڪپڙن مٿان وڻ جو ڪو پن پيل ڏسنديون آهن تہ سمجهنديون آهن تہ سندن ويم آسان ٿيندو. بيمار ۽ پوڙهو ماڻهو شام جو انهيءَ وڻ ڏانهن ويندا آهن ۽ ان کي ٿڪ هٽي ڇوندا آهن تہ "ٿون تہ جلد مرندين، اسان کي تہ پلا جيئڻ ڏي!" پئي ڏينهن صبح جو سڀئي خاندان بدوش وڻ جي چوگرد جمع ٿيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ تقريب جي مڪي هستي "گرين جارج" ٿوندو آهي، جو ڪنهن ڪان ولي چوڻيءَ تائين ساون پنن ۽ گلن ۾ ڏکيل هڪ نوجوان ڇوڪرو ٿوندو آهي. هو پنهنجي قبيلي جي ديوتا کي گاه ڪان ڪجهه ميوا ڀري اچلائي ڏيندو آهي تہ جيئن انهن کي سڄي سال جي دوران ۾ چاري جي ڪا کمي نہ رهي. ان ڪان پوءِ هو ٻي ڪوڪا ڪٽي، جي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين تائين پاڻيءَ ۾ پسيا رکيا هوندا آهن، پوءِ جي وڻ ۾ ٽوڪيندو آهي، بعد ۾ هو انهن کي ورهي ڇڪي باهر ڪيندو آهي، ۽ پاڻيءَ جي روحن کي هم آهنگ بڻائڻ لاءِ انهن کي ڪسيءَ جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلائيندو آهي. سڀ ڪان پوءِ "گرين جارج" کي پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جو ڏونگهو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو ڪارين ۽ پنن مان ٺهيل هڪ ڪڙو هوندو آهي، جنهن کي ڪسيءَ جي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏنا ويندا آهن. انهيءَ رسم جي هن صورت ۾ زالن کي ويم جي آسانيءَ ۽ پوڙهن ۽ بيمارن کي ضروري طاقت بخشڻ جون قوتون صاف طرح بيد جي وڻ ڏانهن منسوب ڪيون وڃن ٿيون، "هوڏانهن وري "گرين جارج"، جو وڻ جو هم سر آهي، چوپائي مال ۽ چاري جي نوازش ڪري ٿو، ۽ پاڻيءَ جي روحن جو اڻ سڌيءَ طرح وڻ سان رابطو قائم ڪري، ملڪ واسطي انهن جي شفقت حاصل ڪرڻ جو بندوبست ڪري ٿو.

هن قسم جي پنهنوڏيڪ مثالن پيش ڪرڻ کان سواءِ ٿي اڳين صفحن ۾ جو پيش ٿي چڪو آهي، تنهن جو اسين مٿنهارد بڌجي لفظن ۾ هيئن ڪٽي اختصار تا ڪريون: "جن رسمن جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي، سي هن نتيجي کي يقيني طور ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ موسم بهار جي انهن جلوسن ۾ نباتات جي روح جي نمائندگي ڪندڙ ۽ ان سان گڏوگڏ پنن ۽ گلن سان ڏکيل چوڪرين يا ساڪيئي طريقي سان سينگاريل چوڪرو ڪندا آهن. اهو ساڪيوئي روح آهي، جو وڻ کي جان بخشي ٿو ۽ نندن نڍڙن ٻوٽن ۾ متحرڪ آهي، ۽ جنهن کي اسان سي ڏري ۽ هاويسٽ سي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صورت ۾ شناخت ڪيو آهي. بلڪل معقول نموني ائين سمجهيو ويندو آهي ته اهو روح پاڻ کي موسم بهار جي ڦوڙائين گل ۾ ظاهر ڪري ٿو ۽ ساڳئي ئي وقت پنهنجو ظهور مي-روز جي ڪردار ادا ڪندڙ چوڪري ۽ فصل ڏيندڙ والبر جي شخصيت ۾ ڪري ٿو. ديوتا جي انهيءَ نمائندي جي جلوس کي پڪين ۽ قلعدار وڻن ۽ فصلن تي ساڳيوئي نيڪ اثر پيدا ڪندڙ سمجهيو ويندو هو. جهڙو هوند خود ديوتا جي موجودگيءَ جي حالت ۾ پيدا ٿئي ها. ساڳين لفظن ۾ چنجي ته سانگ ڪندڙ کي نباتات جي روح جو محض بيجان نقش نه، پر ان جو حقيقي نمائندو سمجهيو ويندو هو. ان ڪري مي-ڪري ۽ مي-روز جي جلوسن ۾ شامل ٿيندڙ انهيءَ خواهش جو اظهار ڪندا هئا ته فصل، جن کين آڻن ۽ گوشت وغيره جي سوڪڙين ڏينهن کان انڪار ڪيو هو، سي انهن سڀني نعمتن کان محروم رهن. جي انهيءَ سيلاني روح جي اختيار ۾ هيون. اسين هي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته مئي-وڻن ۽ مئي-ڪارين رسمن جيڪي پنهنجي لاءَ در در جلوس ڪڍيا ويندا هئا، (مئي يا اونهاري کي وڻي آڻڻ لاءَ) تن جو شروعات ۾ ڪو شنجيده ۽ مقدس مقصد هوندو هو. ماٿهو درحقيقت ائين سمجهندا هئا ته فصل ڪٽي اپارينڊ ديوتا ۾ جي نگاهن کان پوشيده طور انهيءَ ٽاري ۾ موجود هوندو هو. ۽ ان کي جلوس جي صورت ۾ هر هڪ گهر ڏانهن آندو ويندو هو ته اهو گهر وارن تي پنهنجي رحمت نازل ڪري. اهڙن نالن جهڙوڪ "مئي"، "فادر مي"، "مي ليڊي"، "ڪئين آف مي" (مئي جي راڻي) جن سان نباتات جي انساني يا انسان نما روح کي عام طرح سڏيو ويندو آهي، ڏيکارين ٿا ته نباتات جي روح کي گويا خود ان موسم جي شخصيت عطا ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ ان جي زندگيءَ ۽ قوتن جو ڀرپور انداز ۾ اظهار ٿئي ٿو.

هن وقت تائين اسان ائين ڏسندا آيا آهيون ته وڻ يا نباتات جي روح جو عام طرح اظهار فقط ڪنهن سائيءَ شيءِ، جهڙوڪ وڻ، ٽاريءَ يا گل ذريعي، يا ساڳئي وقت ساوڪ ۽ ماٿهوءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلي، جيئن وڻ يا شاخ يا گل ۽ گڏي يا جيئري ماڻهوءَ جي ميلاپ سان، ڪيو ويندو آهي. هينئر آسان ڪي ڏيکارڻو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ساوڪ جي روح جي اظهار ڪرڻ لاءِ وڻ، ٻاري ۽ گل کي بلڪل غيرضروري سمجهي، نظرانداز ڪيو ويو آهي، ۽ فقط زندهه ماڻهوءَ جي وسيلي کي ڪافي سمجهي ان کي ئي قائم رکيو ويو آهي. ان صورت ۾، مرد يا عورت جي انهيءَ نمائندي حيثيت کي، گهٽ ڪري ٻن يا گهڻن ۾ ڪيس ملهوين ڪري، عيان ڪيو ويندو آهي. ڪن حالتن ۾ وري سندن اهڙي حيثيت سندن نالن مان ظاهر ٿيندي آهي، جيئن رڪيا ويندا آهن.

لينانچ، روس جي ڪن علائقن ۾ سيٽ جارج جي ڏينهن تي (۲۳ اپريل)، هڪ نوجوان ڪي، انگلينڊ جي "جڪ-آن-دي-گرين" وانگر، پنن ۽ گلن جي پوشاڪ پهرائي ويندي آهي. سندس ملهوين نسل، وارا، ان ڪي "گرين جارج" سڏيندا آهن. هڪ هٿ ۾ مشعل ۽ ٻئي ۾ گوشت ٻڌل ٻوڪ ماني، جهلي، هو پنين ۾ هليو ويندو آهي. سندس پٺيان چوڪريون موزون قسم جا گيت گائيندڙون ويندڙون آهن. ان کان پوءِ جهنگلي خاردار وڻن جي گول دائري جي صورت ۾ رکي، ساه ڏني ويندي آهي. ۽ اها ماني ان ساه جي وچ ۾ رکي ويندي آهي. انهيءَ رسم ۾ جهڪي به شريڪ ٿيندا آهن. سي سڀئي ساه جي اچوگرد ويهي هڪٻئي ۾ اها ماني تقسيم ڪندا آهن. هن رسم ۾ ٻنن ۽ گلن ۾ ملهوين "گرين جارج" صاف طرح سان ڪئي نمونو ڏيکل آهي. "گرين جارج" سان مشابهت رکندڙ ٻيو ڪارنامو، ٽرانسلوانيا ۽ رومانيا جي ساڳئي ڏينهن تي ادا ٿيندڙ رسم ۾ وڻن سان واسطو ڪيو ويندو آهي. ٻڌي اکي ٻي ڏاڙهن تي روس ۾ "وٽسنٽائيڊ" ڏينهن "برچ" وڻ کي زنانا ڪپڙا ڏيکائي گهر ۾ رکيو ويندو آهي. ٻيئي ضلعي جون روسي چوڪريون "وٽسنڊي" ڏينهن جيڪا رسم ادا ڪنديون آهن، سا به انهيءَ رسم جهڙي آهي. يعني ٻاڻ مان سڀني کان زياده خوبصورت چوڪري منتخب ڪري، هو ان کي وڻن ۽ گلن ٻنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ويڙهي، ڪوٽ ۽ ڪٽي گهمائيندڙ آهن.

رهولا ۽ جيئن ئي موسم بهار ۽ وڻ ساوا ٿيڻ شروع ٿيندا آهن، تيئن اتان جا چوڪرا آرتوار ڏينهن ڪلا ٿي جهنگ ڏانهن ويندا آهن، جتي هو پاڻ منجهان هڪ چوڪرو چونڊيندا آهن، جنهن کان هو 'للل ليف مئن' (پنن جو تنڊڙو ماڻهو) جو ڪردار ادا ڪرائيندا آهن. هو وڻن مان ٽاريون ٻڌي، انهن کي چوڪري جي سڄي جسم تي ويڙهي چڙهندا آهن. تان جو پنن جي انهيءَ پوش مان فقط سندس جتي ظاهر هوندي آهي. ڏسڻ لاءِ اڪين وٽ ۽ سوراخ هوندا اٿس. ۽ ۽ چوڪرا 'للل ليف مئن' کي هٿ کان ولي هلندا آهن ته جيئن هو ٺاهو نه کائي يا ڪري نه پوي. گائيندا ۽ نچندا هو ان کي گهر گهر ولي ويندا آهن ۽ ڪاڏي ٻڌي جي شين، جهڙوڪ آنن، ملائيءَ، چٽين ۽ ڪيڪن جي خيرات گهرندا ويندا آهن. آخرڪار 'للل ليف مئن' جي مٿان پاڻي هارائيندا آهن ۽ ڪڏ ڪيل ڪاڏي جي دعوت ڪيندا آهن. سنڊرلئنڊ ۽ فرڪتال وٽ 'وٽسنٽائيڊ' جي ڏينهن چوڪرا جهنگ ڏانهن ويندا آهن ۽ پاڻ منجهان هڪڙي کي پنن وارين ٽارين ۽ ويڙهيندا آهن. ڪيس "وٽسنٽائيڊ جو لفنگو" سڏيندا آهن، ۽ ڪيس گهوڙي تي سوار ڪري، هٿ ۾ سائي ٽاري ڏيئي، ڪوٽ ڏانهن واپس ولي اينداه آهن. ڪوٽ جي ڪوه وٽ جلوس اڃي بيهندو آهي، ۽ پنن ۽ ملبوس "لفنگي" کي گهوڙي تان هيٺ لاهي، ڪيس حوض ۽ غوطا ڏنا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح پوءِ ڪيس هرڪنهن مٿان پاڻي اڇلائي ڏجهڻ جو حق حاصل ٿيندو آهي، ۽ هو اهو حق پاڻ جيڏن چوڪرن ۽ چوڪرين تي استعمال ڪندو آهي. چوڪرا هن جي اڳيان جلوس جي صورت ۽ هلندا رهندا آهن ۽ هرڪو ڪيس منٿون ڪندو ويندو آهي ته "مون کي وهنجار، مون کي وهنجارا!"

انگلنڊ ۽ اهڙن پنن ۽ ملبوس سانگ رچائيندڙن جو سڀني کان زياده مشهور مثال "جڪ-ان-دي گرين" آهي، جنهن جو سانگ هميشه هڪ "چمني صاف ڪندڙ" رچائيندو آهي، هو بيد جي ٽيلين مان ٺهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخروطي شڪل جو ٽوڪرو مٿي ۾ وڇهي گهمندو آهي، جنهن جي مٿان ڦليون ۽ گل پيل هوندا آهن ۽ سيني جي مٿان گلن ۽ ريبن جو تاج رکيل هوندو آهي. اهڙي سازوسامان سان سينگاريجي، هو 'مي-ڊي' تي چمني صاف ڪندڙن جي ٽولي جي اڳيان نچندو آهي، جي ماڻهن کان پئسا جمع ڪندا آهن. فرڪنال ۾ ساڳئي قسم جي ٽوڪري جي پوجري کي 'ولسنٽائيد جو ٽوڪرو' سڏيندا آهن. جيئن ئي وڻ پور جهلڻ شروع ڪندا آهن، تيئن ئي جهنگ ۾ هڪ: جاءَ منتخب ڪئي ويندي آهي، جتي ڪوٺ جا سڀ چوڪرا گڏ ٿي تمام گهڻي راز داريءَ سان ٽوڪرو ٺاهيندا آهن، تہ متان ٻيا ڪائنس اڳ ئي اهو ڪم سرانجام ڪري وڃن. پنن واريون ٽاريون ٻن گول چڪرن جي چوڌاري ويڙهيون ويندیون آهن، جن سان هڪ پائيندڙ جي ڪلهن تي رکيل هوندو آهي ۽ ٻيو سندس ٽنگن جي چوڌاري ويڙهيل هوندو آهي. اڪين ۽ وات وٽ سوراخ ٿهيل هوندا آهن، ۽ سڄي اهڙيءَ طرح لباسيل "جنڪ" جي مٿان هڪ وڏو گلدستو رکيل هوندو آهي. انهيءَ چمڙاپوش ۾ هو "شام جي عبادت" وقت اوچتو اچي ڪوٺ ۾ پرگهٽ ٽپندو آهي ۽ سندس اڳيان ئي چوڪرا ٻيد جي چوڌي مان ٿهيل توتارا وڄائيندا ويندا آهن. هن جي سائين جو وڏو مقصد هوندو آهي تہ ان چوڪري کي ٽوڪري سميت ڪٽي، پاسي وارن ڪوئن جي چوڪرن جي ڪوشش جي باوجود، جي هيءَ 'ولسنٽائيد' ٽوڪرو ڪائنس ڪسي ڪنهن طرح وڃي پنهنجي ڪوه تي رکي جا آرزومند هوندا آهن، پڄي وڃي پنهنجي ڪوٺ جي ڪوه تي رکي ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

اهڙين حالتن ۾، جن جا مثيان چند مثال آهن، صاف ظاهر آهي تہ پنن ۾ ديڪيل ماڻهو، جنهن کي جلوس جي صورت ۾ گهمايو ويندو آهي، سو مئي-وڻ، مئي-ڏاريءَ، يا مئي-ٻوتي جي مترادف آهي، جنهن کي هار گهر گهر ڪٽي وڃي پنائيندا آهن. ٻيئي نباتات جي نيڪ روح جا نمائندا آهن، جنهن جي گهر ۾ تشريف آوريءَ جو پيسن يا ڪاڏي جي سوڪڙين سان عيوضو ادا ڪيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻن موقعن تي پنن ۾ ملبوس ماڻهوءَ کي، جو نباتات جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي، "بادشاه" يا "راڻي" ڪوٺيو ويندو آهي، چنانچه مثال طور ان کي "مئي بادشاه"، "وڻسنتائيد بادشاه"، "مئي جي راڻي"، وغيره، سڏيو ويندو آهي. انهن لقبن مان، جيئن سٺهاريندڙ چوي ٿو، معلوم ٿئي ٿو ته عام اعتقاد موجب نباتات ۾ رهندڙ روح نهايت طاقتور ۽ وڏو حڪمران آهي، جنهن جي تخليق ڪندڙ قوت دور دور ڦهليل رهي ٿي.

سالزويڊل جي نزديڪ هڪ ڪوٺ ۾ 'وڻسنتائيد' تي هڪ 'مي-ڪري' نصب ڪيو ويندو آهي ۽ ڇوڪرا ان طرف ڊوڙندا آهن، جيڪو به ان وٽ سڀني کان پهريائين پهچندو آهي، سو "بادشاه" ٿيندو آهي، سندس ڪچيءَ ۾ گلن جو هار وڌو ويندو آهي ۽ هٿ ۾ 'مي-بٽش' (مئي جي ٽاري) هوندي اٿس، جنهن سان، جيئن جلوس اڳتي وڌندو ويندو آهي، تيئن هر اوسي پاسي ماڻهن چنڊيندو ويندو آهي. پوءِ ڇوڪرا هر گهر وٽ ويهي، گيت ڳائي، گهر جي ماڻهن جي مٿيءَ تسمت-جي دعا ڪندا آهن، جنهن ۾ "واڙي ۾ ويڙل ڪاريءَ ڪٻوءَ جو حوالو ڏيندا آهن، جا اڇو ڪير ڏيندي آهي، ۽ ڪڏيءَ ۾ ويڙل ڪاريءَ ڪڙ جو ذڪر ڪندا آهن، جا اڇا آنا ڏيندي آهي"، ۽ آخر، سوئر جي گوشت وغيره جو خيرات گهرندا آهن. سئليشيا ۾ ائلگوٺ ڪوٺ وٽ 'وڻسنتائيد' تي هڪ رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن کي "بادشاه جي ڊوڙ" چوندا آهن. ٻنيءَ جي وچ ۾ هڪ لڪڙو کوڙيو ويندو آهي، جنهن کي ڪپڙا ٻڌل هوندو آهي ۽ نوجوان گهوڙي تي سوار ٿي، ان جي پاسي مان لنگهندي، کوڙي کي چنڊ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪو اڳ کوڙي کي لڪڙي تان ٻئي ڪٻي وڃي ۽ ان کي پاسي واريءَ اوڀر ندييءَ ۾ ٻوڙي ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، تنهن کي "بادشاه" ٻڌايو ويندو آهي. هن حالت ۾ لڪڙو يقيناً 'مي-ڪري' جو نعم البدل آهي. برونسوڪ جي ڪن ڳوٺن ۾ "وڻسنتائيد" ڏينهن مئي-بادشاه کي مڪمل طور مئي-ٽاريءَ ۾ ويڙهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. ٽورنجين جي ڪن علائقن ۾ ٻه 'ونسنٽائيڊ' تي "مي-ڪنگ". ("مئي جو بادشاه") ٿاهيو ويندو آهي ۽ ان کي البت مختلف لباس ڏئو ويندو آهي. ڪاٺ جو هڪ اهڙو فريم ٺاهيو ويندو آهي، جنهن تي ماڻهو بيهي سگهي، ان کي هر طرف کان وڻن جي شاخن سان ڍڪيو ويندو آهي، ۽ مٿان ڪارين ۽ گلن جو تاج هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ گهنڊ ٻڌل هوندو آهي. اهو فريم ٻانهي ۾ رکيو ويندو آهي ۽ "مي-ڪنگ" ان ۾ لڪي ويهندو آهي. ٻيا وري سندس ڪولاهه نڪرندا آهن، ۽ جڏهن ان کي ڏسي هٽ ڪندا آهن، تڏهن ڪوٽ ۾ مٿيسريت، پادري ۽ ٻين وڏن ولي ويندا آهن، جن کي اهو اندازو ڪرڻو پوندو آهي ته ان ٻڍي ٻڍن سان ڪيئن فريم ۾ ڪير پوشيده آهي. جيڪڏهن سندن اندازو غلط نڪرندو آهي ته مئي-بادشاه کي ڏوڪي گهنڊ وڄائيندو آهي، ۽ غلط اندازي ڪرڻ واري کي بيئر (شراب) يا بي ۽ ڪنهن اهڙي شيءَ جي چٽي پرڻي پوندي آهي. واهرسٽيڊ جا چوڪرا 'ونسنٽائيڊ' تي ڪٿي ڏريعي ٻاڻ مان هڪ بادشاه ۽ هڪ خدمتگذار منتخب ڪندا آهن. خدمتگذار کي ننڍڻ کان وڏي چوڻيءَ تائين 'مئي-بوئي' جي ٻڌ ۾ ڏيکيندا آهن، مئي ٽي گلن جي هارن سان ويڙهيل ڪائيءَ جو تاج وجهندا آهن ۽ هٿ ۾ ڪاٺ جي ترار ڏيندا آهن. پوءِ طرف "بادشاه" کي سجاڻ لاءِ سندس ٽوپيءَ ۾ فقط هڪ ننڍو گلدستو لڳل هوندو آهي ۽ هٿ ۾ هڪ ڪانو هوندو آهن جنهن کي سرخ رنگ جي زين ويڙهيل هوندي آهي. سيئي گڏجي هر گهر مان ڪڻين جو خيرات پيندا آهن ۽ جتان ڪجهه ملندو اٿن، اتي هيءَ بددعا ڏيندا آهن ته 'سڄي سال جي دوران ۾ شل ڪڻين هڪ به آنو نه لاهين.' هن رسم ۾ خدمتگذار کانهن نه ڪنهن سبب ڪري "بادشاه جو تاج" ضبط ڪيو ڏسجي ٿو. هائلڊيشيم وٽ پنج يا ڇهه نوجوان 'ونمنڊي' جي شام جو ڊگها ڇهڪ ڪٽي، انهن مان پوري پوري وقفي بعد لڪاءَ ڪيندا ۽ گهرن مان ڪڻين جا آنا جمع ڪندا ويندا آهن. انهيءَ گروه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مکيہ شخصيت هڪ 'ليف-ڪنگ' (پنن جو بادشاه) هوندو آهي، جو هڪ چوڪرو هوندو آهي، جنهن جي مٿان ايترا تہ گهٽا پن ويڙهيل هوندا آهن، جو سندس سڄي جسم مان فقط سندس پير ظاهر هوندا آهن. هن جو ظاهري قد پنن جي هڪ ڏڳهي تاج سبب ٽيٽن وڏو معلوم ٿيندو آهي. هٿ ۾ هڪ ڏڳهو ڏنگن قرن وارو ڇمڙو هوندو اٿس، جنهن سان هو رولوڪٽن ۽ چوڪرن کي قابوئ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. بوهيميا جي ڪن علائقن ۾ 'ولمبري' ڏينهن نوجوان چوڪرا پنهنجن مٿن ۾ 'برچ' وڻ جي چوڏڻ مان ٺهيل ڏڳهيون ٽوپيون پائيندا آهن، جن کي گلن سان سينگاريو ويندو آهي. سنجهاڻن هڪ کي "بادشاه" جي پوشاڪ پهرايل هوندي آهي، ۽ ان کي بنان ٽيٽن واري گاڏي ۾ ويهاري ڳوٺ جي سائي ميدان ڏانهن گهلي وڃي ويندا آهن، ۽ رستي تي جيڪڏهن ڪنهن تلاءَ جي پاسي مان لنگهندا آهن، تہ گاڏيءَ کي هميشہ ان ۾ اونڌو ڪري ٽپيون ڏيارينداآهن. سائي ميدان وٽ پهچي، سڀئي بادشاه جي چوگرد جمع ٿيندا آهن ۽ هڪ "بانگو" يا "ڍٽ" ڪنهن پٿر تي ٽپ ڏيڻي يا وڻ تي چڙهي ويهندو آهي ۽ هر گهر ۾ ان جي ڀاتين جي متعلق هڪ بي ڊولي ٺهيل نظم ۾ گلا ڪرڻ شروع ڪندو آهي. بعد ۾ پنن جون پوشاڪون لاٽيون ويندیون آهن ۽ سڀئي بهترين ڪپڑا پائي ڳوٺ ۾ گهمندا آهن، ۽ هٿ ۾ مٽي-وڻ کڻي خيرات پنندا ويندا آهن. اڪن وقتن تي کين ڪيڪ ان ۽ آٽا ڏنا ويندا آهن. لٽگينسااڙا جي قريب گروس وارگولا وٽ اڙڻهين صدي عيسويءَ ۾ 'ولسنڊائيڊ' جي ڏينهن هڪ "گاه جي بادشاه" کي جلوس جي صورت ۾ ڪيرائيندا هئا. ڪيس چيل جي وڻ جي ٽارين مان ٺهيل هڪ مخروطي شڪل جي ڇڙي ۾ بند ڪيو ويندو هو، جنهن جي چوٽي ٽارين ۽ گلن مان ٺهيل هڪ شاهي تاج سان سينگاريل هوندي هئي. پنن جو اهو مخروطي ڇڙو هو اهڙي نموني مٿان وڇهي گهوڙي تي سوار ٿيندو هو، جو ان جو هيٺيون حصو زمين سان پيو گسندو هو ۽ ان ۾ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس منهن لاءِ هڪڙو ڳڙڪو چڏيو ويندو هو. نوجوانن جي قافلي جي وچ ۾ هو جلوس جي صورت ۾ ٽائون هال، ديول، وغيره، ڏانهن ويندو هو، جتي کين بيئر (شراب) پياريو ويندو هو. پوءِ پر واري 'سومربرگ' جي ستن وڻن هيٺان بيهي هو پنهنجي "گاه جي بادشاه" جي سائي پوشاڪ لاهيندا هئا. ان جو تاج لاهي ڪوٽ جي پرئي مڙس جي حوالي ڪيو ويندو هو ۽ ٽاريون ٻيءَ ڦر ڪوڙيون. ويندڙون ڏيون ته جيئن فصل جا ستيلا ڍ گها ۽ پلا ٿين. "وڻ جي روح جي نمائندي" ڏانهن آبادي‌ءَ جو جيڪو اثر منسوب ڪيو ويندو آهي، سو انهيءَ آخرين خصوصيت مان واضح ٿي رهيو آهي: پلسن (بوهيميا) جي آسپاس 'وٽسنتائيڊ' تي ڪوٽ جي وچ ۾ ساين ٽارين جي مخروطي صورت جي هڪ جهوپڙي اڏي ويندي آهي، جنهن کي ڪوبه دروازو ڪونه هوندو آهي. انهيءَ جهوپڙيءَ ڏانهن ڪوٽ جي نوجوان چوڪرن جو هڪ گروه "بادشاه" جي زير قيادت سوار ٿي ويندو آهي. "بادشاه" پاسي سان ترار ٻڌندو آهي، ۽ مٿي ۾ لچڪيدار ڪاڻن جو ٺڪندو ٽوپلو هوندو اٿس. سندس پاسي ۾ هڪ امين، هڪ نقيب ۽ هڪ اهڙي شخصيت هوندي آهي، جنهن کي "ڏيڏرن جي ڪل لاهيندڙ" يا "جلاد" سڏيو ويندو آهي. جلاد هڪ قسم جو مسخرو هوندو آهي، جنهن کي ڪنيل پراڻي ترار ٻڌل هوندي آهي ۽ هو هڪ ڏهري گهوڙي تي سوار هوندو آهي. جهوپڙيءَ وٽ پهچي، نقيب گهوڙي تان هيٺ لهندو آهي ۽ ان جي چوڌاري ٽيرا پائي دروازي کولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪوبه دروازو نه ڏسي، هو چوندو آهي: "اوهو! هي شايد ڪو طلسمي قلعو آهي، جتي ڏائڻيون پنن مان اندر رڙهي وڃن ٿيون ۽ ڪين دروازي جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي!" آخرڪار هو پنهنجي تلوار ڇڪي باهر ڪندو آهي ۽ ٽارين کي ويڙي ٽڪي جهوپڙيءَ اندر داخل ٿيندو آهي، جتي هڪ ڪرسي رکيل هوندي آهي، جنهن تي ويهي هو نظر ۾ پاڙي اوڙي جي چوڪرين، ڪڙمين، ۽ زميندارن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪن تي عام چڙ ڪندو آهي. جڏهن اها ڪارروائي ختم ٿيندي آهي، تڏهن "ڏيڏرن جي ڪل لاهيندڙ" اڳتي وڌندو آهي، ۽ ڏيڏرن سان پريل هڪ پچرو پيني ڪي ڏيکاري، انهن کي قطار ۾ لڙڪائڻ شروع ڪندو آهي. پلاٽن علائقي جي آسپاس انهيءَ رسم ۾ ڪجهه تبديليون آهن. "بادشاه" ۽ "سپاهي" ننهن کان ولي چوٽيءَ تائين چوڏن ۾ ملبوس هوندا آهن، جن کي گلن ۽ ربين سان سينگاريو ويندو آهي، ۽ سيني وٽ تراريون هونديون آهن ۽ اهي گهوڙن تي سوار هوندا آهن، جي ٻڌ ساين ٽارين ۽ گلن سان سينگاريل هوندا آهن. جنهن وقت ٽارين ٻان ٿيل جهوپڙيءَ جي اندر ڪوٺ جي چوڪرين ۽ زالن جي چڙ ۽ طعنن زني جاري هوندي آهي، ان وقت "نقيب" لڪي لڪي هڪ ڏيڏر کي چهنڊيون پائيندو رهندو آهي، جو رکي رکي زور زور سا چين چين ڪندو آهي. پوءِ ڏيڏر کي قاميءَ ڏيڻ جو حڪم "بادشاه" صادر ڪندو آهي، تنهن تي "جلاد" ان جو سر قلم ڪري سندس رتو رت ٿيل جسم کي تماشائين جي وچ ۾ ڪٿي ڦٽو ڪندو آهي. سڀ کان آخر ۾ "بادشاه" کي جهوپڙيءَ کان ٻوڙائي ٻاهر ڪيڏو ويندو آهي، ۽ "سپاهي" سندس پيڇو ڪندا آهن. ڏيڏر کي چهنڊيون پائڻ ۽ ان جو سر قلم ڪرڻ، مٿنهاريت جي راءِ موجب، بلاشبہ مينهن وسائڻ جا ٽوٽا آهن. اسين ڏسي آيا آهيون تہ اورينوڪو جا ڪي ڪاڙها هندستاني مينهن وسائڻ جي مخصوص مقصد لاءِ ڏيڏرن کي ماريندا آهن، ۽ ڏيڏرن کي ڪهڻ، مينهن وسائڻ جو يورپي جنتر ٻڌ آهي.

موسم بهار ۾ گهٽو ڪري نباتات جي روح جي نمائندگي "بادشاه" جي هٿان "راڻي" ڪندي آهي. لبچووڪ (بوهيميا) جي گرد و نواح ۾، لينٽ جي چوٽين آرتوار ڏينهن، اتان جون چوڪريون اڇا ڪپڙا پائي، ۽ وارن ۾ بهار جي موسم جا پهريان ڦٽل گل وجهي، هڪ چوڪريءَ کي ڪوٺ ۾ گهمائيندڙ آهن، جنهن کي "راڻي" چيو ويندو آهي، ۽ ان کي گلن جو تاج پهرايو ويندو آهي. جلوس جي دوران ۾، جو انتهائي سنجيدگيءَ سان ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، ڪنهن ۾ چوڪريءَ کي هڪ هنڌ ساڪت ٿي نہ ٻيهڻو هوندو آهي، پر ڪيئن مسلسل گهٽ گهٽ ڏينهن ۽ ڏيرين پائڻيون پوندڙيون آهن. هر گهر ۾ "راڻي" ٻهار جي آمد جي خوشخبري ٻڌائيندي ۽ گهر وارن کي خوش بختيءَ جون دعائون ڏيندي آهي، جنهن جي عيوضي ۾ ڪيس سوڪڙيون ڏڻيون ويندڙيون آهن. هنگاريءَ جون چوڪريون ٻاڻ منجهان سڀني کان خوبصورت چوڪري چونڊي، ان کي ٻنهنجي 'ولسنٽائيڊ جي راڻي' ٻڌائيندڙيون آهن ۽ سندس پيشانيءَ تي هڪ وڏي جهومر وجهي، ڪيس ڳوٺ جي گهٽين مان ڪلهن تي کڻي ڦيرائيندڙيون آهن. هر گهر وٽ ٻيهي، اهي پراڻي زماني جا منظوم داستان ڳائيندڙيون، ۽ سوڪڙيون ولندڙيون ويندڙيون آهن. ڏکڻ اوپر آئرلنڊ ۾ 'مي-ڊي' تي سڀني کان زياده خوبصورت چوڪريءَ کي پارهن مهينن لاءِ "ضلعي جي راڻي" منتخب ڪيو ويندو هو. ڪيس جهنگلي گلن جو تاج پهرايو ويندو هو، بعد ۾ دعوتون، ناچ ۽ ٻيون گوناگون راندڙيون ڪيون ويندڙيون هيون، ۽ شام جو هڪ شاندار جلوس ڪڍي ان تقريب کي ختم ڪيو ويندو هو. ٻنهنجي "عهدي" جي سڄي سال جي دوران ۾، هوءَ نوجوانن جي ناچن ۽ خوشين جي ٻين گوناگون اجتماعن جي صدارت ڪندي هئي. جيڪڏهن ٻئي 'مي-ڊي' اڃا کان اڳ ئي سندس شادي ٿيندي هئي تہ هوءَ سندس اختياري ختم ٿي ويندي هئي ۽ ٻي جيستائين وري اهو ڏينهن واپس موٽي نہ ايندو هو، تيستائين سندس ئين جانشين ڪاڻ چونڊي ويندي هئي. 'مئي-ڪئين' ('مي جي راڻي') جي تقرر-واري رسم فرانس ۽ انگلنڊ ۾ به عام طرح مروج آهي.

وري ڪن هنڌن تي نباتات جي روح جي نمائندگي "بادشاه ۽ راڻي" "لارڊ ۽ ليڊيءَ" يا "گهوٽ ۽ ڪنوار" ذريعي ڪرائي ويندي آهي. هتي ۾ "وڻ جي روح" جي انسان نما توڙي نباتاتي نمائندگيءَ جي درميان توازن قائم آهي، جو تہ اسان مٿي ڏسي آيا آهيون تہ ڪن وقتن تي وڻن جي به هڪٻئي سان شادي رچائي ويندي آهي. ڏکڻ وارو ڪشائير ۾ هالفورڊ وٽ اتان جا ٻار 'مي-ڊي'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي. جوڙو جوڙو ٿي. "بادشاه ۽ راڻي" جي سرڪردگي ۾ هيٺ گهر گهر چڪر لڳائيندا آهن. ۽ چوڪرا ڇهن يا ستن ڦڻن جي ڏيگهه وارو مٿي-لڪڙو ڪٽي هلندا آهن. جو گلن ۽ ساوڪ سان ڊيڪل هوندو آهي. لڪڙي جي چوٽي ۾ وٽ ۽ پٽيون صليب جي صورت ۾ لڳل هونديون آهن. جي هڪڙي سان گونين ڪنڊن تي ٽنهي ٻيهندڙ آهن. انهن کي به گلن ۽ ساون پنن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ ٻنهن جي ڇڙين وٽان ڇڪرا لٽڪيل هوندا آهن. جي ان سا گي ۽ طرح سينگاريل هوندا آهن. ٻار هرهڪ گهر اڳيان مٿي چا گيت گائيندا آهن ۽ ان جي بدلي ڪين ٿسا ملندا آهن. جي هو شام جو اسڪول ۾ جانهن پارٽي ڪرڻ لاءِ صرف ڪندا آهن. ڪونپگراز جي هڪ بوهيمياڻي ڪوٽ ۾ اتان جا ٻار "وٽمٽڙي" ڏينهن "بادشاه جي راند" کيڏندا آهن. جنهن ۾ "بادشاه ۽ راڻي" هڪ وڏي ۽ چٽي ۽ هيٺان هلندا آهن. راڻي ۽ کي هڪ هار پيل هوندو آهي ۽ سيني کان ننڍي چوڪري انهن جي پوئتان رکيبي ۽ گلن جا ٻه هار رکي هلندي آهي. سندن خدمت ۾ چوڪرا ۽ چوڪريون هونديون آهن. جن کي "گهوٽ جا ماڻهو" ۽ "ڪنوار جون سهيليون" سڏيندا آهن. ۽ اهي سڀئي گڏجي. سيني گهرن سان سوکڙيون پاکڙيون گڏ ڪندا آهن. نسليشيا ۾ وٽسنٽائيڊ جي عوامي تقريب جي هڪ باقاعده خصوصيت "بادشاهي" لاءِ مقابلو" هوندو هو. ۽ ڪنهن حد تائين اڄ به آهي. اهو مقابلو مختلف صورتون اختيار ڪندو هو. پر ان جو مقصود گهڙو ڪري مٿي-وڻ يا مٿي-لڪڙي تي قبضي ڪرڻ جو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان نوجوان کي. جو انهي ۽ لسي لڪڙي تي چڙهي وڃي ۽ ان تي رکيل ڪنهن انعام کي. هيٺ لاهي اچي ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو. "وٽسنٽائيڊ جو بادشاه" ۽ سندس معشوقه کي "وٽسنٽائيڊ جي ڪنوار" ڪري اعلان ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ بادشاه مٿي-پوتو ڪٽي سڄي ۽ سنگت سان گڏ شراب خاني ڏانهن ويندو هو. جتي کائي پي. ناچ گانو ڪري. ان محفل کي برخاست ڪيو ويندو هو. اڪثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن ۾ نوجوان ڪڙمي ۽ مزدور گھوڙن تي سوار ٿي مٿي-لڪڙي تائين گوءَ ڪندا هئا، جنھن کي گلن، ريبن ۽ تاج سان سينگاريو ويندو هو. جيڪو سڀني کان اول لڪڙي کي ڇهي رسندو هو، سو "وِڪٽنائيڊ بادشاھ" ٿيندو هو، ۽ باقي ٻين سڀني کي انھيءَ ڏينھن لاءِ سندس حڪم مڃڻا پوندا هئا. سڀني کان زياده ڇڙو سواري ڪندڙ "مسخرو" ٿيندو هو. مٿي-لڪڙي وٽ سڀ گھوڙن تان هيٺ لھي، "بادشاھ" کي ڪلھن تي کڻندا هئا. هو تمام تيزيءَ ۽ مھارت سان لڪڙي تي چڙھي ويندو هو ۽ ان جي چوٽيءَ وٽان مٿي-ھوٽو ۽ "تاج" لاھي ايندو هو، جي اڳ ئي اتي ٻڌل هوندا هئا. اِن وچ ۾ "مسخرو" شرابخاني ڏانھن ڊوڙندو ويندو هو ۽ اتي پھچندي ئي ٽيھ ٽان ۽ ٻرانڊيءَ جون چار صراحيون جلد از جلد ٽڪائي پنھنجي ھٿ وس رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس پٺيان ئي "بادشاھ" اڇي سھڻندو هو، جو جلوس جي اڳيان مٿي-ھوٽو ۽ "تاج" ڪنيو ايندو هو. جيڪڏھن سندن پھچڻ کان اڳ "مسخرو" ٽانن ۽ ٻرانڊيءَ جي انتظام ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوندو ۽ "بادشاھ" جي پھچڻ سان ئي ھن جي ھڪ عدد تقرير ۽ ٻيو جي گلاس سان آڇيان ڪيائين، تہ سندس ٻل "بادشاھ" ادا ڪندو هو، ٻيءَ صورت ۾ اھا ڇڻي ڪيس ئي ڀڙڻي پوندي هئي. ديول جي وقت پوري ٿيڻ کان پوءِ اھو شاھاڻو جلوس ڳوٺ جي اردگرد چڪر لڳائيندو هو. ان جي اڳيان "بادشاھ" سواري ڪندو هلندو هو ـ هو سڄو گلن سان سينگاريل هوندو هو ۽ سندس ھٿ ۾ مٿي-ھوٽو هوندو هو. ان جي پٺيان "مسخرو" هلندو هو، جنھن کي ابتا ڪپڙا پيل هوندا هئا ۽ ڪاڏيءَ تي سُٽيءَ جي ڏاڙھي ڇنڀڙيل ۽ مٿي تي "وِڪٽنائيڊ جو تاج" پيل هوندو هوس. ۽ گھوڙيسوار، جن کي محافظن جو چمڙاپوش هوندو هو، پٺيان هوندا هئس. جلوس هرھڪ گھر اڳيان بيھندو هلندو هو، پوءِ "محافظ" گھوڙي تان ھيٺ لھي، "مسخري" کي ان گھر ۾ بند ڪري، گھر ڏياڻيءَ کان ان جي ڏاڙھيءَ کي ڏوئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطي صابڻ خريد ڪرڻ لاءِ چندي جي طلب ڪندا هئا. اهڙي رقت گهر اندر جيڪڏهن ڪاڏي پيٽي جي چيز ڪلف ۽ ڪنجيءَ کان ٻاهر ٻيل هوندي هئي، تہ اتان جي رسم و رواج مطابق ڪين اها ڪٽي وڃڻ جي اجازت هئي. سڀ کان آخر هو انهيءَ گهر ايندا هئا، جتي "بادشاه" جي محبوبہ سڪونت پذير هوندي هئي. ڪيس "ويسٽمنسٽائيڊ راڻيءَ" جي خطاب سان سلام ڪيو ويندو هو، ۽ موزون تحفا، جهڙوڪ رنگ برنگي رومال، هڪ ڪپڙو ۽ ڪرڪار وقت پائڻ وارو هڪ جبو هن کي ڏنا ويندا هئا. "بادشاه" کي سوغات طور هڪ صدري، ڪچيءَ ۾ ويڙهڻ وارو هڪ رومال، وغيره، ڏنا ويندا هئا. ۽ ساڳئي وقت ڪيس "مئي-ہوئي" يا "ويسٽمنسٽائيڊ وڻ" کي پنهنجي آڻا جي اڳڻ اڳيان نصب ڪرڻ جو حق حاصل هوندو هو، جتي اهو ايندڙ سال جي ساڳئي ڏينهن تائين هڪ معزز نشان طور ڪتل رهندو هو. آخر ۾ جلوس شرابخاني ڏانهن ويندو هو، جتي "بادشاه" ۽ "راڻي" ناچ جو آغاز ڪندا هئا. ڪڏهن وري "ويسٽمنسٽائيڊ بادشاه ۽ راڻي" انهيءَ عهدي تي ڪڙي ٻئي طريقي سان پهچندا هئا. ماڻهوءَ جي قد جيتري پلال سان ٺهيل بت کي، جنهن جي مٿي تي ڪاڙهيءَ ٽوپيءَ جو تاج رکيو ويندو هو، ٻن ماڻهن جي ٻهري ميٽ، جي مسلح محافظن جي پوشاڪن ۾ ملبوس هوندا هئا، گاڏيءَ تي چاڙهي، هڪ اهڙيءَ جاءِ تي پهچايو ويندو هو، جتي ان تي مقدمي هلائڻ لاءِ هڪ مصنوعي عدالت انتظار ۾ هوندي هئي. گاڏيءَ جي پٺيان ماڻهن جو انبوه هوندو هو. رسمي مقدمي هلائڻ کان پوءِ پلال جي ماڻهوءَ کي ڏوهي ٺهرائي قاسيءَ جي سزا جو حڪم ڏنو ويندو هو ۽ ڪيس قاسيءَ ڏيڻ واري ميدان ۾ هڪ لڪڙي سان ٻڌي جڪڙيو ويندو هو. نوجوان ڇوڪرا اڪين تي پٿرون ٻڌي، پري کان ان کي پالي هڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيڪو ڪامياب ٿيندو هو، سو "بادشاه" ۽ سندس ميجبونہ "راڻي" ٿيندي هئي. پلال جي ماڻهوءَ کي "گوليٿيٽ" سڏيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊينمارڪ جي هڪ ضلعي ۾ هڪ رسم هوندي هئي ته 'وٽسنٽائيڊ' جي موقعي تي هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ کي 'وٽسن-ڪنوار' جي پوشاڪ پارائي ويندي هئي ۽ هڪ ڇوڪري کي ان جو گهوٽ ٻڌايو ويندو هو. ڇوڪريءَ کي هيڪ جوان ڪنوار وانگر سينگاريو ويندو هو. ۽ سندس مٿي تي تازه ترين موسم بهار جي گلن جو تاج رکيو ويندو هو. سندس گهوٽ کي به گلن، پن، ريبن ۽ ڪپڙين سان خوب سينگاريو ويندو هو. ٻيا هار، پاڻ کي پيلي رنگ جي مختلف گلن سان آپترو شينگاريندا هئا. جيترو سندن وس ۾ هوتدو هو. پوءِ اهي هڪ شاندار ۽ شاهي جلوس جي صورت ۾ هڪ گهر کان ٻئي ڏانهن ويندا هئا. جلوس جي اڳواڻي ۾ ننڍڙيون ڇوڪريون ڪندیون هيون، جي ڪنوار جون سهيليون سڏائيندیون هيون ۽ جلوس جي اڳيان چوڏ يا اٺ "گهوڙيسوار" (پنهنجي ڪاٺ جي گهوڙن تي) هلندا هئا. جي پنهنجي اڳ جو اعلان وڄي وات ڪندا ويندا هئا. آخر ۾ ڪن روٽين ملائيءَ کانپءَ ڪنڊ ۽ سوم بتين جون خيراتون وٺي لوڪ ۾ جمع ڪيون ويندیون هيون. سڀني گهرن جو هو چڪر هڻي جڏهن پورو ڪندا هئا، تڏهن ڪڙمين جون ڪجهه زالون شاديءَ جي دعوت جي انتظام ڪرڻ ۾ سندن، هٿ وٺائيندیون هيون ۽ بار ڪاٺ جي ٽلهن جا ڪڙين سان ڪچيءَ منيءَ جي فرش تي خوشيءَ وچان نچندا هئا، تان جو سج اڀري ويندو هو ۽ پڪي ڪن لاتبون لنوڻ لڳندا هئا. هن وقت فقط ڪن پوڙهن ماڻهن کي ننڍڙي "وٽسن-ڪنوار" ۽ سندس اهو هٿرادو شان و شوڪت ياد آهي.

اسان ڏٺو آهي ته ٻن ملڪن جون جيڪي رسمون 'مي-ڊي' يا 'وٽسنٽائيڊ' ڏينهن سان وابسته ڪيون ويندیون آهن، سي سئيڊن ۾ گهٽو ڪري "وچ اونهاري" ۾ ادا ڪيون ويندیون آهن. چنانچه، اسين ڏسون ٿا ته سئيڊن جي بليڪنج نالي هڪ صوبي ۾ اڄا تائين "وچ اونهاري جي ڪنوار" چونڊي ويندي آهي، جنهن کي ڪن موقعن تي "ديول جو ننڍڙو تاج" اڌارو ڏنو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪري پنهنجي لاءِ پنهنجو "گهوٽ" چونڊيندي آهي ۽ انهن پنهي کي في الحال "زال ۽ مڙس" ڪري ليکيو ويندو آهي. ٻيا نوجوان چوڪرا ۽ پنهنجي لاءِ "ڪنواريون" چونڊيندا آهن. جا ٻئي قسم جي هڪ رسم ٽاروڻي ۾ ۽ قائم رهندي آئي آهي.

بريان ڪون (ڊافائين) جي آمپاس ۾ سيڊي ۽ تي چوڪرا ڪنهن اهڙي ٽوجوان چوڪري کي ساون پنهنجي ۾ ويڙهيندا آهن، جنهن جي محبوبه سائس بيوفائي ڪئي هوندي آهي. يا ٻئي ڪنهن سان شادي ڪئي هوندي. ائائين ۽ هو زمين تي ليٽي پوندو آهي ۽ اهڙو ڊونگ ڪندو آهي جو ته ننڊ ائين. پوءِ هڪ چوڪري جا ڪيس محبت ڪندي هوندي ۽ سائس شادي ڪرڻ لاءِ آماده هوندي، اتي ايندي آهي ۽ ڪيس جاڳائيندي آهي، جنهن کان بعد ڪيس اڳاڙي ڏن کي هڪڙي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ۽ ٻئي ۾ هڪ جهنڊو ڏيندي آهي. پوءِ ٻئي ڇڪا ڪڍجي شرابخاني ڏانهن ويندا آهن، جتي هو ناچ جي ابتدا ڪندا آهن. ۽ انهن کي هڪ سال اندر اندر شادي ڪرڻ گهرجي. نه ته ڪين "پوڙهو ڪنوارو" ۽ "پوڙهي ڪنواري" ڪري ليکيندا آهن. ۽ ڪين نوجوانن جي صحبت کان محروم ڪيو ويندو آهي. چوڪري کي "مئي جو گهوٽ" سڏيو ويندو آهي. شرابخاني ۾ هوءَ پنهن جو لباس لاهي ڇڏيندو آهي، جنهن مان سندس ناچ جي ساٿياڻي، گل ڦل ملائي، هڪ گلدستو ٺاهيندي آهي، جنهن کي اها ٻئي ڏينهن، جڏهن هو ڪيس دوباره شرابخاني ڏانهن وڃي ويندو آهي، پنهنجي ڇاتي ۾ ڦڙهي هلندي آهي. انهيءَ جهڙي هڪ رسم روس ۾ به هوندي آهي، جا ونسنبي کان اڳ واري خميس ڏينهن نيريجنا ضلعي ۾ ادا ڪئي ويندي آهي. چوڪريون ڳڙجي ٻلي ۾ ويندڙيون آهن، جتي هو سينٽ کان زياده شاندار "برج" جو وڻ چونڊي، ان جي چوڌاري هڪ ٻو ويڙهيندڙيون آهن ۽ ان جي هيٺاهين ٽارين کي پاڻ ۾ ملائي، انهن جو هڪ چڪرو ٻڌائيندڙيون آهي، جنهن کان پوءِ اهي جوڙي جوڙي ٿي، انهيءَ چڪري وچان هڪٻئي کي چميون ڏيندڙيون آهن. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪريون انهيءَ چڪري وچان هڪٻئي کي چميون ڏيندڙيون آهن، سي هڪٻئي کي "بدنام چوڪريون" ڪري سڏيندڙيون آهن. پوءِ منجهانئن هڪڙي ڇٽي اچي وڃي، هڪ شرابيءَ جو ڏونگ ڪري، زمين تي ڪري پوندي آهي، ۽ گاهه مٿان ليڙيون پائي پائي، اگهور ننڊ ۾ سمهڻ جو سڪر ڪندي آهي. هڪ پي چوڪري پوءِ انهيءَ ستل ڪريلن کي اڌاري ان کي پيار ڪندي آهي. بعد ۾ هي سيٽي سڌيون نينگريون هارن ٽاهڻ لاءِ، جن کي اهي پوءِ پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندڙيون آهن، گيت گائيندڙيون ٻيلي مان نڪنديون ڪڏنديون، گل ٽڙيندڙيون ويندڙيون آهن. نهر جي ٻلڻيءَ مٿان ترندڙ گلن جي هٿن هارن جو پوءِ جيڪو حشر ٿيندو، تنهن مان هو پنهنجي تقدير معلوم ڪنديون آهن. هن رسم ۾ "نشي ۽ بدمست ٿي سمهندڙ" جو ڪردار ڪنهن زماني ۾ شايد چوڪرو ادا ڪندو هوندو. انهن فرينچ ۽ روسي رسمن ۾ اسان کي هڪ "وسري ويل گهوٽ" جو ڪردار ملي ٿو. ۽ هيٺ ذڪر ڪيل رسم ۾ "نظر انداز ٿيل ڪنوار" جو ڪردار ملي ٿو. چنانچه "شروع اڳاڙي"* ڏينهن اوڀر ڪرين جا سلووين نسل وارا پلال جي ٻت کي، خوشيءَ وچان رڙيون ڪندا، گوٽ جي سيني گهٽين ۽ رستن وغيره تان گهليندا وڃندا آهن، تنهن کان پوءِ هو ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن، يا باهه ۾ ساڙيندا آهن، ۽ ان جي شعلن جي بلنديءَ مان هو ايندڙ سال جي فصل جي برڪت

* ايسٽر کان چاليهه ڏينهن اڳ جيڪو اربع جو ڏينهن ايندو آهي، تنهن کي روسن ڪئٿولڪ فرقي وارا عيسائي اٿن اربع چوندا آهن، جو انهيءَ ڏينهن هڪٻئي جي متن تي رک هاري ويندي آهي. چاليهن ڏينهن جي انهيءَ عرصي کي 'لينٽ' چوندا آهن ۽ اهو عرصو نفس ڪشيءَ لاءِ روزا رکيا ويندا آهن. 'اٿن اربع' کان هڪ ڏينهن اڳ جيڪو اڳاڙو هوندو آهي، تنهن کي "شروع اڳاڙو" چوندا آهن. لينٽ جي روزن رکڻ کان اڳ ڇڻ ڏينهن تائين گناهن وغيره جي اقرار ۽ توبهه ڪرڻ لاءِ چار ڏينهن ڏنل آهن، جنهن عرصي کي "شروع ٿائيڊ" چيو ويندو آهي. شروع ٿائيڊ جي ڇڻ ڏينهن جو آخري ڏينهن، اڳاڙو هوندو آهي، جنهن کي "شروع اڳاڙو" چيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو فيصلو ڪندا آهن. جلوس ۽ شريڪ ٿيل هجوم جي پٺيان هڪ نقاب پوش عورت ايندي آهي ۽ اهو انڪشاف ڪندي آهي ته هوءَ هڪ "وساريل ڪنوار" آهي.

جيڪي هن ڪان اڳ پڙهي آيا آهيون، تنهن جي روشنيءَ ۾ مٿينءَ ڪالهه جي جائزي واري سان معلوم ٿئي ٿو ته هتن رسمن ۽ "فراموش ٿيل ستل ماڻهوءَ جو ننڊ مان جاڳڻ" شايد موسم بهار ۽ نباتات جي دوباره زنده ٿيڻ جو مظهر آهي. ۽ "فراموش ٿيل گهوٽ" ۽ ڪيس "ننڊ مان اڀارينڊڙ چوڪريءَ" جي الڳ الڳ ڪردارن جو مفهوم سمجهڻ ايترو آسان ڪم ڪونهي. چا "سمهي پيل شخص" سڪل ۽ بي برگ و بار ٻلي جو مظهر آهي، يا سياري جي غير آباد ۽ ويران ڌرتيءَ جو؟ چا، ان ڪي ننڊ مان اڀارينڊڙ چوڪري تازيءَ ساوڪ جي ترجمان آهي، يا بهار جي وٽندڙ آس جي؟ اسان جي سامهون اڃا تائين جيڪي شهادتون ۽ حقيقتون موجود ٿي سگهيون آهن، تن جي مدد سان انهن سوالن جا جواب ڏيڻ ذرا مشڪل آهن.

اسڪالنڊ جي ماڻرين ۽ نباتات جي دوباره زنده ٿيڻ جي تقريب 'سينٽ برائيڊ' جي ڏينهن (پهرين فبروريءَ) تي نهايت واضح نموني سان ملهائي ويندي هئي. چنانچه هيبرائيڊس ۽ "هرهڪ ڪنب جي گهر ڏياڻي ۽ نوڪر، جنهن جي ڪهڙي ڪٽي، ان کي زنانن ڪپڙن ۽ ملبوس ڪري، هڪ وڏي ٽوڪري ۽ رکي، ان جي پرسان ڪاڪ جو هڪ ڏنڊو رکندا آهن ۽ ان کي 'برائيڊ جو بستر' (ڪنوار جو بستر) چوندا آهن. ان ڪان پوءِ گهر ڏياڻي ۽ نوڪر ٻي دفعا وڏي آواز سان چوندا آهن: 'ڪنوار آئي آهي، ڪنوار ٻلي ڪري آئي'. اها سڄي ڪارروائي هو سمهن ڪان اڳ ڪندا آهن، ۽ صبح جو جڏهن اٿندا آهن، تڏهن رک ۽ ڪنوار جي ڏنڊي جي نشان ڏسڻ جي اميد سان ان ۽ نهارينڊا آهن، جيڪڏهن گهر جي چلهه جي چار ۽ ڏنڊي جو نشان ڏسندا آهن، ته هو ان کي ٻلي فصل ۽ آسوده سال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي علامت سمجهندا آهن ۽ ان جي برعڪس جيڪڏهن اڄي
ڪين ڏٺي جو نشان نظر ڪوبه ايندو آهي، تہ هو ان کي بدشگوني
جاڻندا آهن." هڪ ٻيو شاهد ان سڳي رسم جو هي بيان ڏئي
ٿو: "ڪئنڊلمس* کان هڪ رات اڳ اناج ۽ پلال جي بستري
ناهڻ جو دستور آهي، جنهن جي مٿان ڪجهه بلئنڪيٽ وڌا
ويندا آهن ۽ ان کي گهر جي اهڙي حصي وٽ رکيو ويندو آهي،
جو دروازي جي نزديڪ هوندو آهي. جڏهن بستر و ٻيو راس
ٽيندو آهي، تڏهن هڪ ماڻهو ٻاهر وڃي ٽي دفعا هيئن چوندو
آهي: "برجيٽ، برجيٽ، اندر آءُ. تنهنجو بستر و تيار آهي." هڪ
يا ٻه موم بتيون ان جي پرسان سڳي رات تائين برابر ڇڏيون
ويندڙيون آهن." ساڳي ريت آئيول آف مئن ۾ "پهرين فبروري
جي شام جو اڳئين زماني ۾ هڪ محفل ڪئي ويندي هئي،
جنهن کي مئنڪ پولي ۾ "لال برشي" چيو ويندو هو ۽ جا آئرلئنڊ
جي خاتون جي اعزاز ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي، جا خاتون
سينٽ ماڻولڊ جي نقاب حاصل ڪرڻ لاءِ آئيل آف مئن ويئي هئي.
اها رسم هيٺ هوندي هئي تہ رساون لڪيدار ڪاٺن جو هڪ
مڇو هٽ ۾ جهلي، دروازي جي چنڊ وٽ، يعني مقدس سينٽ
برجيٽ کي اها رات ساڻن گڏ گهر ۾ گهارڻ جي دعوت ڏني
ويندي هئي. مئنڪ پولي ۾ جن لفظن ۾ اها دعوت ڏني ويندي
هئي، تنهن جو انگريزي ترجمو هي آهي: "برجيٽ، برجيٽ، منهنجي
گهر آءُ اڄ رات، منهنجي گهر آءُ. برجيٽ لاءِ دروازو کوليو ۽
برجيٽ کي اندر اچڻ ڏيو." انهن لفظن ڏهرائڻ کان پوءِ کاڻن کي
ٽيڙي پکيڙي زمين تي اڇلايو ويندو هو، جنهن مان غالبچي يا
"برجيٽ جي بستري" جو مقصد هوندو هو. مئن جي قديم سلطنت
جي ڪن آسپاس وارن ٻيٽن ۾ ۽ هڪ بلڪل ساڳئي قسم جي رسم ادا
ڪئي ويندي هئي". ظاهر آهي تہ مئنڪس ۽ جابلو علائقن جي

* پاڪ ڪنواري جي تقديس جي تقريب، جا ۲ فبروري تي ادا
ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن رسمن ۾، سينٽ برائيڊ يا سينٽ برجيٽ پراڻي زماني جي بت پرستن جي "آبادي" جي ديوي" آهي، جنهن کي عيسائيت جي باريڪ غلاف ۾ ڍڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ته هو سيلٽڪ قوم وارن جي ٻاه ۽ فصلن جي ديوي، برجيت، کان سواءِ ٻي ڪا هستي نه آهي.

نباتات جي روح جي بهار جي موسم ۾ شادي جيتوڻيڪ اڪثر سڌي طرح ۽ ظاهر ظهور نه رچائي ويندي آهي، ان جي باوجود ان جي انساني نمائندي کي "ڪنوار" جو نالو ڏيئي ۽ ڪيس شادي جو جوڙو ٻهرائي، ان مان ساڳيو شادي جو مطلب ڪڍيو ويو آهي. چنانچه ائلمارڪ ۾ 'وٽسنٽائيڊ' ڏينهن تي هڪ طرف جڏهن چوڪرا 'مي-ڪري' ڪٽي يا ڪنهن چوڪري کي ساون پتن ۽ گلن ۽ ڍڪي گوٺ ۾ ڦيرائيندا آهن، تڏهن چوڪريون وري 'مئي-ڪنوار' کي جنهن کي ڪنوار جي پوشاڪ پيل هوندي آهي ۽ وارن ۾ هڪ وڏو گلن جو وانگوڙو لڳل هوندو اٿس، گوٺ جو گشت ڪرائيندڙيون آهن. سڀئي چوڪريون ڪڇي گهر گهر ويندڙيون آهن ۽ 'مئي-ڪنوار' هڪ گيت گائيندي ويندي آهي، جنهن ۾ هوءَ نذرانو طلب ڪندي آهي ۽ گهر وارن کي چوندي آهي ته جيڪڏهن اهي کيس ڪا شيءَ ڏيندا، ته کين ۾ اها شيءَ سڄي سال جي دوران ۾ ملندي رهندي، ۽ جيڪڏهن اهي کيس ڪجهه نه ڏيندا، ته کين ۾ ڪجهه نه ملندو. ويسٽفاليا جي ڪن حصن ۾ ۽ چوڪريون هڪ اي چوڪري کي، جنهن کي اهي 'وٽسنٽائيڊ ڪنوار' سڏيندڙيون آهن، گلن جو تاج پارائي گوٺ جي در در چڪر ڏياريندڙيون آهن ۽ هڪ گيت گائيندڙيون ويندڙيون آهن، جنهن ۾ هر ڪنهن ڪان هوڪڙ جي، آڻن جي خيرات گهرندڙيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب يارهون

نباتات ۾ جنسن جو اثر

مٿين باب ۾ بهار ۽ اونهاري جي يوروپي تقريبن ۽ رسمن جي چڪاس سان اسين هي نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا ته اتان جا قديم ان سڌريل لوڪ نباتات جي طاقتن کي نر ۽ مادي جون شخصيتون ڏيندا هئا ۽ هر آهنگ يا نقالي جادوءَ جي اصولن مطابق وٽن ۽ پوٽن جي نشوونما کي تيز ڪرڻ لاءِ، مڪي جي بادشاه ۽ راڻيءَ، وٽسن گهوٽ ۽ ڪنوار وغيره جي صورت ۾، وٽن جي ديوتائن جي شادين جو سانگ رچائيندا هئا. ان ڪري اهي سانگ ۽ کيل رڳو علامتي يا نصيحت آميز يا دهقاني تماشائين کي وندرائڻ يا هدايت ڏيڻ لاءِ ڪي مذهبي نوعيت جا ناٽڪ ڪونہ هوندا هئا. اهي دراصل جادوءَ جا جنتر هوندا هئا، جن جو مقصد ٻيلن کي سائي ٿيڻ، تازي گاه کي ڦٽڻ، اناج کي پرجڻ ۽ ڪردار ٿيڻ ۽ گلن کي ڦٽڻ ۾ مدد ڪرڻ هوندو هو. چنانچہ اڄ سمجهن ٿا ته فطرتي امر هو ته پٽن ۾ ملبوس ۽ گلن سان سينگاريل سانگ رچائيندڙن جي "شادي" جيئن زياده حد تائين وٽن جي ديوتائن جي حقيقي شاديءَ سان مشابهت رکندي، تيئن ان جادوءَ جو جنتر زياده اثرائتو ٿيندو. چنانچہ هر ممڪن حد تائين آسين اهو فرض ڪري سگهون ٿا ته انهن رسمن سان جيڪي اخلاقي بي ضابطگيءَ جون ڪارروايون، انتهائي زيادتين جي حد تائين، شامل هونديون هيون، اهي ڪنهن زماني ۾ محض ڪي اتفاقي زيادتيون نہ هيون، پر انهن پوڄا پاٺ ۽ سانن سوٽن جو اهم حصو هيون، ۽ انهن جي اداڪارن جي عقيدي موجب، وٽن ۽ پوٽن جي شادي انساني جنسن جي حقيقي ميل ميلاپ کان سواءِ وقوع پذير ڪائم ٿيٽي هئي. موجوده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾ ، مهذب يورپ ۾ اهڙين رسمن جي تلاش ڪرڻ شايد بيسود ٿئي ، جي نباتات جي واڌاري جي خاص ارادي سان ادا ڪيون ويندیون هجن . پر دنيا جي ٻين علائقن جي وحشي قومن ذرتي جي آبادي ۽ ساوڪ جي اضافي خاطر انساني جنسن جي ميلاپ کي شعوري طور هڪ ذريعو ڪري استعمال ڪيو آهي ، ۽ کي همرنگ رسم و رواج جي اڃا تائين يورپ ۾ قائم رکيا ويا آهن يا ٿوروئي وقت اڳ تائين قائم رکيا ويا هئا ، فقط ان حالت ۾ ئي قابل فهم ٿي سگهن ٿا ، جڏهن انهن کي ڪنهن ساڳئي قسم جي قديم تر پوڄا پاٺ ۽ سائن سوٽن جا آدرا سڏوا ، مبهم ۽ ڪنهن قدر بدليل سدليل نشان ڪري تصور ڪيو وڃي . هيٺيون حقيقتون ان ڳالهه کي زياده واضح ڪن ٿيون .

ڇ کي زمين جي سپرد ڪرڻ کان چار ڏينهن اڳ وچ آمريڪا جي پائپائيلس قبيلي وارا پنهنجن زالن کان علحده رهندا هئا " تم جيئن ٻيجي کان هڪ رات اڳ هو پنهنجي جنسي قوت جا دل کولي ڪارنامًا ڪري سگهن ، چيو وڃي ٿو تم ڪن ماڻهن تي اهو خاص فرض عائد ڪيو ويندو هو تم هو عين ان وقت جنسي ميلاپ ڪن ، جنهن مهل ڇهريون ڇ جو داڻو زمين جي سپرد ڪيو وڃي . " اهڙي وقت تي جنسبازي ۽ ڪرڻ جو حڪم سندن پادرين طرفان هڪ مذهبي فرض جي حيثيت ۾ مٿن عائد ڪيو ويندو هو ، ۽ ان جي خلاف ورزي ۽ جي صورت ۾ ڇ جڻ ناجائز ٿي پوندو هو . هن رسم جي هڪ ٻي ممڪن سمجهاڻي فقط هي ۽ ٻي سگهي ٿي تم ڪاڙها هندستاني هن غلطفهمي ۽ ۾ مبتلا هئا تم جنهن طور طريقي سان ماڻهو پنهنجي نسل جي افزائش ڪري ٿو ، عين انهي ۽ ڏنگ سان نباتات جي دنيا ۾ وڻ ؟ ٻوٽا ۾ ساڳيو ئي فرض ادا ڪن ٿا ، ان ڪري هو سمجهندا هئا تم پهرئين طريقي اختيار ڪرڻ سان هو ساڳئي وقت پوئين ۽ حالت ۾ ۽ افزائش آڻي رهيا هئا . جاوا جي ڪن علائقن ۾ جڏهن ساريون ڏيڏي چونڪ رسندیون آهن ، تڏهن ڪڙمي ۽ سندس زال رات جو پنهنجي ۾ ويندا آهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فصل ۾ اضافي ۽ واڌاري آڻڻ لاءِ اتي جنسي ميلاپ ڪندا آهن. ليٽي، سرمانا ۽ ڪن ٻين جزيرن ۾ جي ليوگائنا جي مغربي چيڑي ۽ اتر آسٽريليا جي وچ ۾ ٻڌل آهن، اتان جون مقامي جهنگلي قومون سج کي نر ذات تصور ڪنديون آهن، جنهن مان زمين، يا مادي ذات، قرار ٿئي ٿي. هو ان کي "اپوليرا" يا "مسٽر سج" سڏيندا آهن ۽ ان جو اظهار ٻارهين جي وڻ جي ٻني مان ٺهيل هڪ بتي ۽ جي صورت ۾ ڪندا آهن، جا سندن گهرن ۾ ۽ مقدس انجير جي وڻ ۾ هرهنڌ لٽڪيل نظر اينديءَ آهي. انهيءَ وڻ جي هيٺان هڪ وڏو لسو پٿر پيل هوندو آهي، جنهن مان قرباني ۽ جي ميز جو ڪم ورتو ويندو آهي. ان جي مٿان قبل ڪيل دشمنن جون سسيون رکيون ويندیون هيون ۽ ڪن ٻڌن ۾ آڇا تائين رکيون ويندیون آهن. هرسال مينهو گيءَ جي موسم ۾، مسٽر سج ڌرتيءَ کي قرار ڪرڻ لاءِ انجير جي وڻ ۾ لهي ايندو آهي ۽ سندس نزول ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ لاءِ ستن ڏاڪڻ واري هڪ ڏاڪڻ سندس استعمال لاءِ رکي ويندي آهي. اها ڏاڪڻ وڻ هيٺان رکي ويندي آهي ۽ ان تي انهن پڪين جوڻ شڪليون چڙيل هوندیون آهن، جن جون زوردار دانهون مشرق ۾ سج جي ايندڙ سواريءَ جي خوشخبري ڏينديون آهن. انهيءَ موقعي تي سوئرن ۽ ڪٽن جون بيشمار قربانيون ڏنيون ويندیون آهن، مرد توڙي عورتون الهاڻي محويت ۾ هوندا آهن ۽ سج ۽ زمين جي رازدارانه وصل کي ڪليو ڪلاپو، درماڻي انداز ۾، ۽ گاني جي محفلن جي وچ ۾، وڻ هيٺان ٻنهي جنسن جي حقيقي ميلاپ جي ذريعي واضح ڪيو ويندو آهي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته انهيءَ تقريب جو مقصد ڏاڍي سج کان مينهن، جام ڪاڏو پيتو ۽ بيشمار چوپايو مال، ٻار ٻچا ۽ دولت حاصل ڪرڻ هوندو آهي. هو دعا ڪندا آهن ته هر ڪري ٻ ٻ ٻني ٻيلا ڏئي، ٻانهن ۾ اضافو ٿئي، مري ويل سوئرن جيترا ٻاڪ انهن کان ٻ گهڻا سوئر جمن، چانورن جا خالي ٽوڪرا ورجن، وغيره وغيره، ڏاڍي سج کي سندن عرض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کائن لاءِ آماده ڪرڻ واسطي هو ڪيس سوئر جو گوشت، چانور ۽ شراب آڇيندا آهن ۽ ڪيس انهن جي کائڻ پيئڻ جي دعوت ڏيندا آهن. بابرڙ پيٽن ۽ انهيءَ موقعي تي سڄ جي تخليقي قوت جي علامت طور هڪ خاص جهنڊو چاڙهيو ويندو آهي، جو اڇيءَ ڪپهه جو ۽ نر قوت اوڇو هوندو آهي، ۽ ان جي مٿان ساٿهوءَ جي، موزون ڊنگ ۽ ٻيهاريل، تصوير نڪتل هوندي آهي. جنسبازيءَ جي انهن مظاهرن کي محض بي لغام نفساني خواهشات جو وقتي جوش سمجهڻ ناانصافي ٿيندي، ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته انهن مظاهرن جو انتظام درٻي جي آبادي ۽ انسان ذات جي پلاڻيءَ لاءِ انتهائي ضروري سمجهي، جائي واڻيءَ ۽ سنجيدگيءَ ۽ وڏي اهتمام سان ڪيو وڃي ٿو. فصلن جي وڌاري لاءِ جيڪي اهڙي انداز جا مختلف طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، سي ئي دستوري طور وٽن کي قرار بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. انسبائنا جي ڪن حصن ۾ جڏهن لونگن جي وٽن جي حالت ڄاڻ معلوم ٿيندو آهي ته فصل ٽوڙو لهندو، تڏهن مرد ذات جو ٻاگهاڙا ٿي وٽن ڏانهن وينداآهن، ۽ اتي پهچي هو وٽن کي مڪمل ساڳيءَ طرح قرار بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيئن هوند اهي عورتن کي حامل ڪرڻ لاءِ ڪن ۽ ساڳئي وقت هو زور سان چوندا آهن، "لونگ! وڌيڪ لونگ!" انهيءَ طريقي سان سمجهيو ويندو آهي ته وٽن ۾ ان جهجهو ميوو ملندو.

وچ آفريڪا جي باگنڈا قوم وارن جو جنسن جي خيال ۽ زمين جي آبادي جي درميان گهري تعلق اهڙو ته پختو عقيدو آهي جو وٽن ۾ بي اولاد زال کي گهٽو ڪري گهر ڪان لوڏي ڪڍيو ويندو آهي، جو ته انهن سمجهيو ويندو آهي ته ان جي موجودگي سندس ڳٽ جي باغ کي ڦر جهلي ڪان روڪي ڇڏيندي. ان جي برعڪس جنهن جوڙي جاڙن ۾ ڪي جنم ڏيڻي، افزائش نسل جي غير معمولي قوت جي مالڪ هجڻ جي ثابتي فراهم ڪئي هوندي آهي، تنهن لاءِ باگنڈا سمجهندا آهن ته ٻيوداز وٽن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياده ميوبدار بنائڻ جي ۽ وڻن اهڙي ئي قوت آهي. جاڙن ۾ارن جي جمڻ کان ٿوروقت پوءِ، هڪ رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن جو مقصد ظاهر ظهور انهن والدين جي نسلي پيداوار وڌائڻ جي قوت کي قبيلي جي ميوبدار وڻن ۾ پهچائڻ جو هوندو آهي. جاڙن جي ماڻ پنهنجي گهر جي ڀرسان گهاڻي وچايل گاه جي مٿان سڏي ڪندي ليئي پوندي آهي ۽ ميوبدار وڻ جي گل کي پنهنجن ٽنگن جي وچ ۾ رکندي آهي، پوءِ سندس مڙس اتي ايندو آهي ۽ پنهنجي مرداني عضوي سان ان گل کي اتان هٽائي هيٺ ڪيرائيندو آهي. ازانسواءِ جاڙن ۾ارن جا والدين پنهنجي ملڪ جو گشت ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهٽگهرن دوستن جي باغن ۾ انهيءَ ارادي سان "ناچ" ڪندا ويندا آهن ته سندن ميوبدار وڻ جهجهو ميوو جهلين.

يورپ جي مختلف علاقن ۾ بهار ۽ اونهاري ۾ ڪي اهڙيون رسمون هلنديون آيون آهن، جي ظاهر ظهور انهيءَ ابتدائي نوعيت جي نظريي تي مبني آهن ته انساني جنسن جي باهمي تعلقات کي اهڙي نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو، جو فصلن ۽ وڻن جي واڌاري کي تيز ڪري سگهجي. مثال طور، يوڪرين ۾ سينٽ جارج جي ڏينهن (۲۳ اپريل) تي، اتان جو پادري پنهنجا منصبي جبا پائي، ۽ پنهنجن زيردستن ۽ ماتحت عملي سان گڏ، گوٺ جي ٻنين ڏانهن ويندو آهي جتي فصلن جي ساوڪ اڃا مس زمين مٿان نظر ايندي آهي، ۽ انهن کي برڪت جي دعا ڏيندو آهي. ان کان پوءِ نوجوان شادي شده ماڻهو، جوڙو جوڙو ٿي، ڪيڙيل زمين مٿان ڪيئي دفعا هن اعتقاد کان ليڙيون پائيندا آهن ته ان طرح فصلن جي واڌاري ۾ مدد ملندي. روس جي ڪن علاقن ۾ خود پادريءَ کي اتان جون عورتون تازي ڪٽيل فصل مٿان ليڙيون پارائيندڙيون آهن. ۽ هن کي انهيءَ نيڪيءَ جي ليٽ ويٺ جي دوران ۾ جن ڪڏن کوڻن ۽ گپ گند جو منهن ڏسڻو پوندو آهي، تنهن جو هو ڪوبه خيال ڪونه ڪندڙون آهن. جيڪڏهن مسيحي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏڻ" جو هيءَ "ريڊار" (انهيءَ روش خلاف) احتجاج ڪندو آهي تہ هو اعتراض ڪندا آهن تہ: "اي نيڍڙا ابا، توکي اسان جي پلائيءَ جو درحقيقت ڪو خيال ڪونهي، تنهنجي مرضي ڪانهي تہ اسان کي آن ملي، جيتوڻيڪ تون پاڻ انهيءَ آن تي جيئڻ ۽ پلجڻ چاهين ٿوا" جرمنيءَ جي ڪن علائقن ۾ لاباري وقت اهڙا سرد ۽ عورتون، جن لاباري ڪرڻ ۾ حصو ورتو هوندو آهي، گڏجي پنيءَ ۾ ليٽڙيون پائيندا آهن. هيءَ رسم وري شايد انهيءَ زياده قديم ۽ وحشي رسم جو خفيف عڪس آهي، جا زمين کي انهن طريقن ساڻ آباد ڪرڻ لاءِ ادا ڪئي ويندي هئي، جي ڪنهن قديم زماني ۾ وچ آمريڪا جا پائيائيلس ۽ اڄ ڏينهن تائين جاوا جا جانور هوڪيندڙ اختيار ڪندا اچن ٿا.

سچ ۽ حقيقت جي ڳولا ۾ انساني دلّ و دماغ جيڪي ٽاڪوڙا هنيا آهن، تنهن جي دشوار ۽ ناهموار رستي جي نشان ڳولڻ واري طالبعلم کي هيءَ حقيقت معلوم ڪري تعجب ٿيندو تہ نباتات تي جنسن جي هم آهنگ اثر واري جنهن نظرياتي اعتقاد ماڻهن کي زمين کي سائي ۽ آباد ڪرڻ خاطر جنسبازي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي، انهيءَ ساڳئي اعتقاد کن ٻين کي بلڪل انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي بلڪل برعڪس جنس کان پرهيز اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي. مڪائيءَ جي بچ ڇڻڻ کان ولي لاباري وجهڻ تائين نڪارا ڳوٺا جا ڳاڙهـا هندستاني پاڪدامن رهندا هئا، ۽ پنهنجن زالن کان جدا ۽ علحده جاءِ ۾ گذاريندا هئا. ان عرصي جي دوران ۾ هو لوڻ استعمال نہ ڪندا هئا ۽ نہ وري ڪوڪوٽا يا "چيچا" (مٽل مڪائيءَ مان ڪڍيل شراب) کي ويجهو ويندا هئا. ٽورن لفظن ۾، جيئن هڪ اسپيني تاريخ نويس جو خيال آهي، ڪٽي ڇڏجي تہ فصل جي موسم هٿن لاءِ پرهيزگاريءَ جي موسم هئي. اڄ ڏينهن تائين وچ آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين جا ڪي قبيلا فصلن جي وڌڻ ويجهو لاءِ نفس تي ضابطو رکندا آهن. چنانچہ، جيو وجي ٿو تہ مڪائيءَ جي بچ ڇڻڻ کان اڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڪڙي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني زالن کان ٻري رهندا آهن ۽ پنجن ڏينهن تائين گوشت ڪونہ کائيندا آهن ۽ هوڏانهن وري لٽڪڻہرو ۽ ڪنجابونيرو قبيلن ۾ اهڙين نفساني خواهشن کان پرهيز جو عرصو پندرهن ڏينهن آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٽرانسلوانيا جي ڪن جرمن نسل-وارن ۾ هي قانون آهي تہ ڪوہ مالٿو انهيءَ سڄي عرصي ۾ جيستائين هو زنيءَ ۽ بچ چٽ ۾ مصروف آهي، زال سان نہ سمهي. هنگاريءَ جي ڪالوٽازگ علائقي ۾ ساڳئي تاعدي تي عمل ڪيو ويندو آهي ۽ اتان جا مالٿو سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن انهيءَ رسم تي عمل نہ ڪيو ويندو تہ اناج کي اُلي لڳي ويندي. ٻاگيءَ طرح مرڪزي آسٽريليا جي ڪائنش قبيلي وارن جو پريو مڙس جيتري عرصي تائين ڪاهہ کي آپارن لاءِ جادوءَ جا ٽوٽا ڦيٽا ڪندو رهندو آهي، اوتري عرصي تائين هو پنهنجيءَ زالِ سان جنسي تعلقات قائم رکي کان پرهيز ڪندو آهي. جوتہ هن کي يقين هوندو آهي تہ انهيءَ قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ سان ڪاهہ جو بج پوريءَ طرح سان نہ ڦٽندو. ميلانيشيا جي ڪن جزيرن ۾ جڏهن "يم" جي ولين کي سنهن تي چاڙهيو ويندو آهي تڏهن مرد باغن ۾ سمهندا آهن ۽ پنهنجين زالن جي ڪڏهن ۽ قريب ڪونہ ويندا آهن. جيڪڏهن ڪوہ پرهيز جي انهيءَ قانون جي پڇڙي ڪري باغ ۾ داخل ٿيو، تہ باغ جا ميوا خراب ٿي ويندا.

جيڪڏهن اسين هيءَ سوال پڇون تہ اڄ ڪهي تہ ساڳين اعتقادن ڪن قومن کي سخت پرهيزگاريءَ ۽ ڪن کي ظاهر ظهور جنسبازيءَ جهڙن بن متضاد طريقن اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، تہ اسان کي سبب يا منطق معلوم ڪرڻ ۾ ڏيئن ڪ قديم وحشي انسان جي دماغ ۾ سمائجي سگهي ٿو. اسان لاءِ شايد ايترو مشڪل نہ ٿيندو جيڪڏهن وحشي انسان ڪ نمونيءَ ٻاڻ کي فطرت سان هم رنگ ۽ همشڪل سمجهي ٿو. جيڪڏهن هو پنهنجين خواهشن ۽ طريقن کي فطرت جي انهن طريقن کان جدا نہ ڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهي، جوڪي خود فطرت حيوانات ۽ نباتات جي نسلي افزائش جي بحاليءَ لاءِ اختيار ڪري ٿي، تہ پوءِ لازمي طور هو پن نتيجن مان ڪنهن ۾ هڪ تي پهچي سگهي ٿو. يا تہ هو اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ پنهنجي نفساني اشتها پوري ڪري هو پوءِ ۽ جانورن جي واڌاري ۾ مدد ڪري سگهي ٿو، يا تہ هو اهو تصور ڪري سگهي ٿو تہ اها طاقت، جا هو پنهنجي نسلي افزائش لاءِ استعمال نٿو ڪري، سا تخليقي قوت جي هڪ اهڙي ذخيري جي صورت ۾ وجي ٿي جمع ٿئي، جنهن مان پيا جاندار، نباتات خواه حيوانات، پنهنجي پنهنجي نسل جي واڌاري لاءِ ضرور فائدو حاصل ڪندا. اهڙيءَ طرح ساڳئي ٿي اٽ تراشيل فلسفي مان، يعني فطرت ۽ زندگي جي ساڳين قديم نظرين مان، هڪ وحشي مختلف دليلن وسيلي نفس پرستيءَ يا نفس ڪشيءَ جا متضاد قانون اخذ ڪري سگهي ٿو.

اهڙي مذهب جي پوئلڳن کي، جو مشرق جي پاڪبازيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي نظرين سان پريل هجي، پرهيزگاريءَ جي انهيءَ قانون جي، جنهن تي وحشي يا اٽ سڌريل قومون ڪن خاص حالات ۾ عمل ڪندیون آيون آهن، جيڪا مونٽ سمجهاڻي ڏني آهي، سا شايد غير امڪاني ۽ بيجا معلوم ٿئي. هو سمجهن ٿا تہ اخلاقي پاڪائي، جا سندن دل و دماغ تي نفس ڪشيءَ جي اهڙي قانون تي عمل ڪرا ٿيڻ سان انتهائي گهري انداز ۾ اثر وجهندي رهي ٿي، اهائي سندن ان عمل جي ڪافي منطقي سمجهاڻي آهي، هو ملٽن* جي هن قول سان هر صورت ۾ متفق. آهن تہ "پاڪبازي بذات خود هڪ شاندار خوبي آهي، ۽ انسانن جي سپ کان زياده طاقتور حيواني خواهشن مان هڪ تي ۽ جيڪڏهن اها کو ضابطو عائد ڪري سگهي ٿي، تہ اها انهن انسانن کي جيڪي پاڻ تي اهڙو ضابطو رکي سگهن ٿا، هڪدم عام انسانن جي سطح

* ملٽن (*Milton*): جنگ مشهور انگريز شاعر - جو ١٦٠٨ع، موت ١٦٧٤ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان بلند ۽ بالاتر ڪري ڇڏي ٿي، ۽ بيشڪ اها انهن کي خدائي خوشنودي ۽ رضامنديءَ جو مستحق بڻائي ٿي". خيال جو اهو طريقو انسان کي ڪٽي ڪيترو ئي قدرتي نظر اچي، پر هڪ وحشيءَ لاءِ اهڙو خيال بلڪل اجنبي ۽ ناقابل فهم آهي. ڀيڪڙهن کن وقتن تي هو پنهنجي جنسياتي خواهش کي دٻائي ٿو، تہ اهو ڪنهن اعليٰ نظريي يا اخلاقي پاڪبازيءَ جي ڪنهن لطيف جذبي سبب نہ، پر هڪ مخصوص ۽ جاتل سجاتل نفساني مقصد لاءِ ائين ڪري ٿو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو پنهنجن حواسن جي فوري خوشيءَ ۽ لذت کي قربان ڪرڻ واسطي آسانيءَ سان تيار ٿي وڃي ٿو. اها حقيقت بلڪل ائين آهي، يا ممڪن آهي تہ ائين هجي، سا گاليھ انهن مثالن مان ڪافي حد تائين ثابت ٿئي ٿي، جي مون مٿي ڏنا آهن. انهن مثالن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جتي بقاءِ حيات جي جذبي، جو خاص طور ڪاڏي جي شين لاءِ جستجوءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، ۽ انهيءَ ٻئي جذبي جي درميان مقابلو ٿئي ٿو يا ٿيندو نظر اچي ٿو، جنهن جي ذريعي نسلي واڌاري جو سامان مهيا ٿئي ٿو. اتي اڳئين جذبي کي، جو زياده ابتدائي ۽ بنيادي نوعيت جو آهي، پوئين جي مٿان فوقيت حاصل رهي ٿي. ٿوري ۾ ڪٽي چڄي تہ هڪ وحشي انسان ڪاڏي خاطر پنهنجي جنسي تقاضا تي بندش وجهي ٿو. ٻيو مقصد جنهن لاءِ هو پنهنجي مٿان رضاڪارانہ طور سا ڪي پابندي عائد ڪرڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو، سو جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ آهي. نہ فقط ميدان جنگ ۾ وڙهندڙ جوڌو، پر سندس پنهنجي گهر ۾ ان جا دوست ۽ گهٽو ڪري پنهنجن نفساني جذبن تي هن اعتقاد سبب لغام وجهندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان ڪين پنهنجن دشمنن مٿان زياده آسانيءَ سان غلبو حاصل ٿي سگهندو. انهيءَ اعتقاد جي غلطي اسان تي ائين ئي عيان آهي جيئن هڪ ٻئي پوکيندڙ جي اعتقاد جي غلطي، جنهن ماتحت هو سمجهي ٿو تہ سندس پاکبازي فصل جي برڪت جو باعث ٿي بنجي، باوجود ان جي، اها ۽ ٻيون اهڙيون رضاڪارانہ بندشون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود ضابطگيون، جي انهن ۽ اهڙن بين اعتقادن، جي ڪيتريقدر بي فضول ۽ ڪوڙا ڪٽي هجن، انسان ذات مٿان وقت بوقت عائد ڪيون آهن، ظاهر آهي ته فائدي کان خالي نه رهيون آهن، ۽ تحقيق انهن بندشن ۽ خود ضابطگين انساني نسل کي طاقتور ۽ مضبوط بنائڻ جو وڏو ڪم ڏنو آهي. ڇو ته هڪ فرد وانگر قوم جي اخلاقي طاقت به حال جي لذتن ۽ فڪرن کي مستقبل لاءِ قربان ڪرڻ ۽ چند روزه عيش عشرت جي فوري لالچن کي اطمينان جي زياده جٽادار دور ۽ تسڪين جي ابدي سرچشمن جي عيوض نظر انداز ڪرڻ جي قوت ۽ صلاحيت ۾ ئي مضمر آهي. انهيءَ قوت کي جيترو گهٽو وڌايو ويندو ۽ استعمال ڪيو ويندو، اوترو ئي اخلاق بالاتر ۽ زياده مستحڪم ٿيندو، تان جو دليريءَ ۽ خود قربانيءَ جي بلند ترين چوٽين تي اهي انسان وڃي پهچن ٿا، جيڪي زندگيءَ جي عيش عشرتن ۽ خود زندگيءَ کي بيڏڪ ترڪ ڪري چڏين ٿا. تان ته ڪنهن ڏوزانهين مستقبل ۾ ئي سهي، سندن پيا ۽ ٻاڙ آزاديءَ، انصاف ۽ حق جي نعمتن ۽ مسرتن کان بهره ور ۽ فيضياب ٿي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب بارهون

مقدس شادي

۱. ڀائڻ، آبادي جي ديوي جي حيثيت ۾:- اسان ڏسي آيا آهيون تہ اهو اعتقاد عام ۽ هندين ماڳين پکڙيل آهي، جو درحقيقت واقعات جي لحاظ کان بي بنياد ۽ ڪوڙهي، تہ ٻوٽا پنهنجي نسل کي نر ۽ مادي جزن جي جنسي ميلاپ ذريعي وڌائين ٿا، ۽ هي ۽ ٻيو عام طرح سمجهيو ٻڌي ويو آهي تہ هر آهنگ يا تقابي جادوءَ جي اصول مطابق ٻوٽن جي نسلي افزائش کي مردن ۽ عورتن جي نقلي يا اصلي شاديءَ جي ذريعي، جي عارضي طور نباتات جي روحن جو سانگ رچائيندا آهن، تيز ڪري يا وڌائي سگهجي ٿو. درحقيقت انهن جادوءَ جي ناٽڪن جو يورپ جي لوڪ ميلن ۽ جلسن ۾ وڏو حصو آهي، ۽ جيڪڏهن تہ انهن جو بنياد فطرتي قانون جي هڪ بلڪل ان تراشيل ۽ غلط مفهوم تي رکيل آهي، ان ڪري ظاهر آهي تہ اهي لوڪ ناٽڪ ۽ لوڪ عقيدا اسان کي تمام قديم زماني کان وٺي ورثي ۾ مليل ٿا پائنجن. ان ڪري اسان جو هي اندازو شايد غلط نہ هجي تہ انهن رسمن انهيءَ وقت جنم ورتو، جڏهن يورپ جي موجوده تهذيب يافتہ قومن جا ابا ڏاڏا اڃا وحشي حالت ۾ هئا ۽ پنهنجي چوپائي مال جا ڏڻ هڪ هنڌ کان ٻئي تائين رلائيندا وٽندا هئا، ۽ انهن گهاڻن ۽ وسيع ٻيلن جي چند صاف ٿيل چونڪڙين ۾ پوک ڪندا هئا، جن ٻيلن سان ان وقت بر اعظم جو زياده تر حصو، بحر روم کان وٺي قطبي سمندن تائين، ڍڪيل هو. ۽ جيڪڏهن اهي پراڻا لوڻا ٿيٽا ۽ ساٽ سوڻ، جيڪي وڻ ٽڻ، گلن ڦلن، جانورن ۽ اناج وغيره جي افزائش لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا، اسان جي زماني تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسمي ميلن ملاکڙن، گولاٽن جشنن، جلسن ۽ تماشن جي موقعن تي پنهنجين خفيف، پر سڃاڻپ ۾ اڃ جهڙين صورتن ۾ باقي رهندا آيا آهن، تہ چا، اسين هن فرض ڪرڻ ۾ حق بجانب نہ ٿيندا سون تہ اڄ کان ۾ هزار سال کن اڳ اسان جي تڏهوڪي تهذيب يافته آبا و اجداد ۾ اهي زياده اصلوڪي ۽ نمايان صورت ۾ موجود نہ هٿا؟ يا، ٻين لفظن ۾ هيٺن ڄاڻجي تہ "چا، هن ڪالهہ جو امکان ڪونهي تہ انهي زماني جي ڪن ميلن ۽ جشنن ۾ اسان کي 'مي-دي' 'وٽسنٽائيڊ' ۽ 'مڊسمر' تماشن جهڙيون ڪارروايون ڏسن ۾ اچن، جن جي امتيازي خصوصيت صرف هيءَ هجي تہ اهي تقريبون اڄ وانگر محض رونڌي ۽ روايتي طور نہ پر شعوري طور ۽ بامقصد انداز ۾، مذهبي ۽ جادوئي تقريبن طور ملهايون ويندیون هجن، جن ۾ حصيٰ ولندڙ روپ-ڌاري واقعي آئين سمجهندا رهيا هجن تہ هو ديوتائن ۽ ديوين جي ڪاروبار ۾ انهن سان تعاون ۽ همراهي ڪري رهيا هٿا۔ هاڻي، هن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ اسان کي جي اهڙا سبب ملیا هٿا، جن جي بنياد تي هيءَ حقيقت قابل اعتبار نظر آئي هئي تہ انهيءَ پادريءَ وٽ جنهن کي "نيميءَ جي ٻيلي جي بادشاه" جو خطاب ملیل هو، ٻيلي جي راڻي، ڊائنا ديوي، بنفس نفيس، رفيقہ حيات جي حيثيت ۾ موجود هئي۔ چا، اهو پادري ۽ آها ديوي، ٻيلي جي بادشاه ۽ راڻيءَ جي حيثيتن ۾، انهن خوش مزاج سانگ رچائيندڙن جا سچا پچا پيشرو نہ هوندا، جي جديد يورپ ۾ 'سٽي جي بادشاه' ۽ راڻيءَ'، 'وٽسنٽائيڊ' جي گهوٽ ۽ ڪنوار، جا ڪردار ادا ڪن ٿا؟ ؟ چا، انهن جي وصل کي ان زماني ۾ هرسال مقدس شاديءَ جي صورت ۾ نہ ملهايو ويندو هوندو؟ ديوتائن ۽ ديوين جون اهڙيون ڏزمائي شاديون قديم دنيا جي مختلف حصن ۾، جيئن اسين جلد ٽي ڏسندا سون، سنجيده مذهبي پوجا پاٺ جي صورت ۾ منعقد ڪيون ويندیون هيون۔ چنانچہ اسان جي هن اندازي ۾ بنيادي طرح کا غير ممکن صورت نظر نٿي اچي تہ نيميءَ جو مقدس آستانو اهڑي ئي قسم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن سالياني رسم جي ادائگيءَ جي هڪ سرزمين هو. واقعي
ان ڪاليءَ لاءِ ڪا سڌي سنئين ثابتي ايبان وٽ موجود ڪانهي،
پر جيئن آءٌ هيٺ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، مشابهت
وارا مثال انهيءَ نظريي جي صحت جو قوي دليل آهن.

ڊائنا بنيادي طور هلن جي ديوي هئي، جيئن ڊيوس
لناج جي ديوي هئي ۽ ڇوڙ انگور جي ول جو ديوتا هو. انهيءَ
ديويءَ جا آستانا گهٽو ڪري هڙين ۾ هوندا هئا، درحقيقت هرهڪ
هڙي ان جي نالي ۾ ايبان متبرڪ ۽ مقدس هئي. ۽ قربانين ۾ هن
ڪي هلن جي ديوتا سلوانس سان وابستگي ڏيکاري ويندو آهي.
ڊائنا ديويءَ جي اصليت ڪٿي کڻي هجي، پر ان کي همٿه
ويڙهن واري ديويءَ جي حيثيت ڪافي هوندي هئي. هنڌجي
پوناني ۾ آرٽيمس ديويءَ وانگر، ڊائنا کي به آهستي
ڪائنات جي پروردگار زندگيءَ، حيوانات خواه نباتات، جي مجسم شخصيت
جو درجو حاصل ٿي ويل معلوم ٿو ٿئي. سڀ ٻيلي جي مالڪياڻي
هجڻ جي حيثيت ۾ هن کي لازمي طور انهن سڀني خهنگلي خواه
پالتيل جانورن جي مالڪياڻي به سمجهيو ويندو هو. جي ان جي
ته پايان وسعتن ۾ آزاديءَ سان گهمندا ڦرندا يا ان جي گهاڻن ۽
خاموش علاقن ۾ جوهه وڇهيو شڪار جي تاڙ ۾ لڪا ويٺا هوندا
هئا. يا وڻن جي ٽارين جا تازا ڦڙ ۽ نازڪ ڇوليون ڏاڍيءَ البلائيءَ
سان چرائيندا يا ڪليل ميدانن ۽ ماڙهن جي ساون ۾ ڪيندا
۽ ڪائيندا رهندا هئا. چنانچه هوءَ شڪارين ۽ ڍ ڏارن جي
لاڏلي ديوي ٻڌجي ويئي، جيئن "سيلوانس" ته فقط ٻيلن ۽ ڇوپائي
مال جو ديوتا هو، ساڳيءَ طرح فنلنڊ ۾ ٻيلي جي درندن
کي ٻيلن جي ديوتا "ٽاپيو" ۽ ان جي شاندار ۽ خوبصورت رفيقه حيات
جا ڏڻ سڏيو ويندو هو. ڪوبه ماڻهو انهن جانورن مان ڪنهن
هڪ کي ٻڌڻ انهن جي ديوتا مالڪن جي اجازت کان سواءِ جا
ڪائنن فقط نوازش طور ئي حاصل ٿي سگهندي هئي، ماري ڪونه
ٿي سگهيو. ان ڪري شڪاري ٻيلن جي ديوتائن جي پوڄا ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڻڻ ۽ سائڻ وعدا ڪندا هٿا تہ جيڪڏهن هلندي ڏهندي شڪار جا جانور ڦٽندس ٿهن لڳي ويا تہ هو ديوتائن کي قيمتي ڏيڻ پيش ڪندا. پاليل مال ۽ ٻيلن جي انهن ديوتائن جي امان ۽ رهندو هو، خواه اهو واڙن ۽ ٻڌو ٻيلو هجي يا ٻيلن ۽ چيڪ چرندو رهندو هجي. سوماترا جا "ڪايو" قبيلي وارا شڪاري ڪتن جي تڏ سان ٻيلن ۽ هرڻ جهنگلي ڪرئي ۽ يا جهنگلي سئور جي شڪار ڪرڻ کان اڳ ٻيلي جي "ان ڏڻ مالڪ" جي اجازت واري ضروري سمجهندا آهن. اها رسم هڪ خاص طريقي سان ڪو اهڙو ماڻهو ادا ڪندو آهي، جنهن کي ٻيلي جي اهڙن معاملات ۾ خاص مهارت حاصل هوندي آهي. هو هڪ ٻئي ڪي ٻيلي جي مالڪ جي صورت ڏين لاءِ خاص طرح سان وڍي الهي، ان جي سامهون سوپارين جو نذرانو رکندو آهي ۽ ائين ڪرڻ کان پوءِ اتي ويهي ان جي پوڄا ڪندو آهي ۽ کانئس شڪار جي اجازت لاءِ "هائو" يا "نه" جو جواب گهرندو آهي. ايرين ٽالي هڪ مصنف شڪار تي لکيل پنهنجي تصنيف ۾ لکيو آهي تہ سيلڪ قوم وارا آرٽيمس ديوي جي جنهن ڏينهن تي مالائي قرباني ڏيندا هٿا، قرباني جو جانور ڏنڊ جڏي انهن پئسن سان خريد ڪندا هٿا، جيڪي هو هر لوءِ، سهڻي يا هرڻ کي سال جي دوران ۾ شڪار ڪرڻ جي عيوض ديوي جي خزاني ۾ پيارينداء رهندا هٿا. انهي رسم جي ادائگي جو صاف مطلب اهو هو تہ جهنگلي جانور ديوي جي ملڪيت هٿا ۽ انهن جي ڪوس لاءِ ان کي معاوضو ملڻ گهرجو هو. [illegible]

۽ ڏائڻ فقط جهنگلي جانورن جي پرورش، جهنگلن ۽ ٻيلن جي مالڪياڻي، ويران وادين ۽ ڏهشتناڪ ڏرياهين جي ڏياڻي ڪانه هئي، ڪيس جنڊ جي صورت ۾ خاص طرح لاباري واسين راتين جي ڪجليدار جنڊ جي صورت ۾ به تصور ڪيو ويو آهي. ان حيثيت ۾ هوءَ ڪرمي جي ديري ۽ اناج ۽ ڦل جي برڪت آڻيندي هئي. ۽ هن حامله عورتن جون درد جون دانهون ۽ دعائون به ٻڌندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، ۽ ٻڌڻ ويڙهجو ۽ آسان ٻڌائيندي هئي. جيڏن مٿي ڏسي آيا آهيون، نيميءَ وٽ سندس مقدس آستاني ۾، هن کي اولاد بخشيندڙ ديويءَ جي حيثيت ۾ پوڄيو ويندو هو، يعني کيس مردن ۽ عورتن کي اولاد بخشڻ جي طاقت جي مالڪياڻي سمجهيو ويندو هو. جنانچ يوناني ديويءَ آرٽيمس وانگر، جنهن سان ان کي هميشه مشابهت رهي آهي، ڊائنا کي فطرت جي عام طور ۽ آباديءَ جي خاص طرح ديوي ڪري سمجهڻ گهرجي. جنانچ انڊيننائين ٽيڪريءَ واري سندس آستاني ۾ ڊائنا جو مجسمو هوبهو ايفيسيا جي گهڻن ٿڻن واريءَ آرٽيمس ديويءَ جي مجسمي جو نقل هو، جنهن تي آباديءَ ۽ پلاڻ جون سڀئي نسواني علامتون نمايان صورت ۾ موجود هيون. هاڻ اسين اهو ٻڌ سمجهي سگهون ٿا تہ جو هڪ قديم رومي قانون مطابق، جو سندن بادشاه نيولس هوسٽيليس سان وابستہ ڪيو ويندو آهي، حرام ٽيل مائٽياڻيءَ سان زنا جي حالت ۾ سيني وڏن پادرين کي ڊائنا جي آستاني ۾ وڃي توبهہ تائب ٿيڻ لاءِ هڪ قرباني ڏيڻي پوندي هئي: اسان کي معلوم آهي تہ اهڙي ناجائز زنا جي نتيجي ۾ عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ملڪ اندر ڏڪار پوندو، جنانچ اهڙي گناه لاءِ آباديءَ جي ديويءَ کي راضي ڪرڻ موزون ۽ عين مناسب هوندو.

هن اصول جي بنياد تي تہ "آباديءَ جي ديويءَ" کي بذات خود ۽ "آباد" هئڻ گهرجي، ڊائنا ديويءَ کي لائق هو تہ کيس ڪو نر ساڻي هجي. "سرويئس" جي چوڻ موجب، ان جو نر ساڻي آهو ورٽيئس هو، جنهن جو نمائندو، يا ڪٿي چئجي تہ ان جو انساني روپ، نيمي ٻيلي جي بادشاه جي صورت ۾ موجود هو. ٻنهي جي وصل جو مقصد زمين، جانورن ۽ انسان ذات جي آباديءَ ۾ ترقيءَ ۽ واڌاري آڻڻ جو سمجهيو ويندو هو، تنهنڪري قدرتي طور هن خيال جو اپرڻ لازمي هو تہ جيڪڏهن اها مقدس شادي خدائي گهوٽ ۽ ڪنوار جا ڪردار ديوتائن جا مجسما يا جيئرا ماڻهو ادا ڪن، ۽ انها شادي هرسال ادا ڪئي وڃي، تہ آباد گاريءَ جو اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسنديده مقصد زياده خاطريءَ ۽ يقين سان حاصل ٿي سگھندو.
ڪنھن ۾ قديم مصنف اھو ذڪر ڪونہ ڪيو آھي تہ نيميءَ جي
ھڙيءَ ۾ واقعي اٽين ڪيو ويندو ھو. ۽ اٽريشيا جي ھن رسم
متعلق اسان جي ڄاڻ ھونئن ٿي ايتريقدر خفيف آھي، جو جيڪڏھن
انھيءَ ڳالھ جو خاص حوالو اسان وٽ موجود نہ آھي، تہ ان ماں ھروپرو
اٽين کين سمجھيو تہ. مٿي بيان ڪيل نظريو غلط ثابت ٿيو. ان حالت
۾ انھيءَ نظريي جو بنياد. ڪنھن اھڙيءَ سڌيءَ سنئينءَ شھادت جي
غير موجود گيءَ ۾، لازمي طور اھڙين ساڳين رسمن جي مشابھت
تي رکڻو پوندو. جي ٻين ھنڌ ادا ڪيون وڃن ٿيون. اھڙين
رسمن جا ڪي جديد مثال، ٽوري گھٽي قدر ناقص ۽ بگڙيل صورت
۾ اڳئين باب ۾، بيان ڪيا ويا. ھينئر اسين انھن جي ڪن قديم
صورتن تي غور ڪنداسون.

۲ـ ديوتائن جي شادي: بابل ۾ "بيل" ديوتا جو شاندار
مندر، مخروطي مناري وانگر، ھڪڙئي جي مٿان رکيل اٺ ٻنارن يا
منزلن جي صورت ۾، شھر جي مٿان ٻنل نظر آيندو ھو. سڀني کان
مٿين مناري جي چوٽيءَ تي، جنھن تي ٻين سڀني منزلن تي رسائيندڙ
ھڪ چاڑھيءَ رستي پھچي سگھجو ھو، ھڪ وڏو ڪمرو ٺھيل ھو،
جنھن ۾ ھڪ وڏو پلنگ، جنھن تي عالیشان بستر و ۽ نرم ويھاڻا
پيل ھئا، رکيو ھوندو ھو، جنھن جي پاسي ۾ ھڪ سونري ميز
پيل ھئي. اڻ ڪمري ۾ ڪوبہ بت ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو ھو، ۽ ھڪ
اڪيليءَ عورت کان سواءِ، جنھن کي "چالدين" پادرين جي چوڻ
مطابق، خود ديوتا ڄاڻ بابل جي سڀني عورتن مان ڄاڻ لاءِ چونڊي
پسند ڪندو ھو، مندر ۾ ٻيو ڪوبہ انسان رات ڪاڻ گذاريندو
ھو. ھو چوندا ھئا تہ ديوتا بنفس نفيس رات جو مندر ۾ ايندو
ھو ۽ وڏي بستري تي اڇي سمھندو ھو، ۽ ان عورت کي ڪنھن
۽ فاني انسان سان ھمبستر ٿيڻ جي اجازت ڪاڻ ھئي، جو ھوءَ
ديوتا جي بستري جي ساڻ ٿي چڪي ھئي.

مصر ۾ ٿيبس وٽ، "عمان" ديوتا جي مندر ۾، ھڪ عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا جي رفيقہ جي حيثيت ۾ سمجهندي هئي ۽ بابل جي نيل ديوتا جي ڪاني زال وانگر پئي ڪنهن ۾ ماڻهوءَ سان واسطو ڪائن رکندي هئي. مصري ڪتابن ۾ ان کي گهڻو ڪري "ديوتا جي رفيقہ" جي نالي سان سڏيو ويو آهي ۽ عام طرح اها "ديوتا جي رفيقہ" بذات خود مصر جي رائي پاڻ هوندي هئي. چو ته مصرين جي عقيدي مطابق، سندن بادشاهہ درحقيقت عمان ديوتا جو اولاد هوندا هئا ۽ عمان ديوتا پاڻ ئي عارضي طور وقت جي بادشاه جي صورت اختيار ڪري، ملڪه سان همصحبت ٿيندو هو. مصر جي سينئي ڪان زياده قديم، مندرن مان هن، خيرالبحري ۽ لڪسر جي پٽين تي ديوتا جي جمع جون تصويرون تفصيلوار تراشيل ۽ چٽيل آهن، ۽ انهن تصويرن تي جيڪي ڪتبا موجود آهن، سي انهن جي معنيٰ ۽ مقصد متعلق ڪنهن ۾ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪونہ ٿا ڇڏين.

اٽينس ۾ "انگورَ جي ول" جي ديوتا، ڊيئونيسس، کي هرسال ملڪه سان شادي ڪرائي ويندي هئي، ۽ معلوم ٿئي ٿو ته هن ديوتائي شاديءَ سان وابستہ سائن سوڻن ۽ ان جي تڪميل جي رسم بلڪل پوريءَ طرح ان موقعي تي ادا ڪئي ويندي هئي، ۽ اسان کي اهو معلوم نہ آهي ته ديوتا جو ڪردار ڪو جيئرو جاڳندو ماڻهو ادا ڪندو هو يا ان جو ڪو مجسمو. ارسطوءَ کان معلوم ٿئي ٿو ته اها رسم بادشاه جي پرائي سرڪاري محلات ۾، جنهن کي "ڊورن جو واڙو" سڏيو ويندو هو ۽ جو پرائٽينيم يا ٽائون هال جي لڳ ائڪروپولس جي شمال مشرقي لاهيءَ تي بيٺل هو، ادا ڪئي ويندي هئي. انهيءَ شاديءَ جو مقصد انگور جي ولين ۽ بين ميوي دار وڻن جي قرجن جي خاطري ڪرڻ کان سواءَ ڪو بيو نٿي ٿي سگهيو، جن جو ڊيئونيسس ديوتا هو. چنانچہ اها رسم پنهنجي نموني، معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان "مئي جي بادشاه ۽ رائيءَ" جي شاديءَ جي رسم سان ڏهڪي اچي ٿي.

ايليوسس ۾ سيپٽمبر مهيني ۾ جيڪي عظيم ۽ پراسرار مذهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسمون ادا ڪيون ويندڙن هيون، تن ۾ آسمان جي ديوتا زيوس ۽ اناج جي ديويءَ ڊيميٽر جي شاديءَ جو اظهار انهن پراسرار مذهبي رسمن جي ادا ڪندڙ پوڄاريءَ ۾ ڊيميٽر ديويءَ جي پوڄاري جي وصل سان ڪيو ويندو هو، جي ديوتا ۽ ديويءَ جا ڪردار ادا ڪندا هئا. پر انهن جي جنسي صحبت فقط ڊراماٽي نوعيت جي يا علامتي هوندي هئي، ڇو ته اهو پوڄاري ميندي جو استعمال ڪري پاڻ کي مردانه قوت کان عارضي طور محروم ڪري ڇڏيندو هو. مشعلن کي گل ڪرڻ کان پوءِ، اهو جوڙو هڪ اونداهيءَ جاءِ ۾ هيٺ لهي ويندو هو ۽ پوڄارين جو انبوه انهيءَ پراسرار ميلاپ جي نتيجي معلوم ڪرڻ لاءِ، جنهن تي هو پنهنجيءَ نجات جو دارومدار سمجهندا هئا، باهر انتظار ۾ ترسيا ٻيٺا هوندا هئا. ڪجهه ديرڪان پوءِ اهو پوڄاري واپس ايندو هو ۽ مشعلن جي تيز روشنائيءَ ۾ باهر ٻيٺل هجوم کي خاموشيءَ سان آن جو وڏيل هڪ سنگ ڏيکاريندو هو، جو ديوتائن جي شاديءَ جو ڦل هو. پوءِ هو بلند آواز ۾ اعلان ڪندو هو، "ملڪه بيرمو هڪ مقدس چوڪري، بيرموس، کي جنم ڏنو آهي"، جنهن مان سندس مقصد هوندو هو ته "هڪڙيءَ عظيم طاقت کي جنم ڏنو آهي". درحقيقت آن جي ماءُ پنهنجي ٻار، آن، کي جنم ڏنو هو، ۽ پوءِ سندس وڏم جي سورن جو نقل مقدس ڊراما جي صورت ۾ ڪيو ويندو هو. بهرحال انهن پراسرار رسمن جو مقصد انهيءَ وڏيل آن جي سنگ جو مظاهرو ٿيڻ هو. اڳتي هلي، صديون گذري ويون، ۽ انهن رسمن جي چوڌاري نظم ۽ فلسفي جي دفترن جا پردا چڙهي ويا. پر انهن پردن جي ڏنڊ وچان، اوجتيءَ آس جي چمڪات وانگر، اڄ به اها ٻي هڪ سٽين سڏيءَ ڪولاٽي تقريب جي جهلڪ نظر اچي رهي آهي، جنهن جو مقصد ايليوسيا جي ڪليل ۽ ڪشاده ميدانن ڪي، اناج جي ديويءَ سان آسماني ديوتا جي شادي ڪرائڻ ذريعي، جو اگهاڙيءَ ڌرتيءَ ڪي رحمت جي وسڪارن سان سائو ۽ آباد ڪري ٿو، ڀرپور فصلن سان سرسبز ۽ آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو هو. بوئيشيا ۾ پلٽيا جا باشندا، ٿورن ٿورن سالن جي وقفي کان پوءِ هڪ جشن ملهائيندا هئا، جنهن کي هو "ڊائڊالا" چوندا هئا ۽ ان ڏينهن هو شاه بلوط جي قديم ٻيلي ۾ وڃي ڪو شاه بلوط جو وڻ ڪيرائيندا هئا. انهيءَ وڻ جي ڪاٺ مان هو هڪ مجسمو ٺاهيندا هئا ۽ ان کي ڪنوار وانگر ڪپڙا پيرائي ڏاند گاڏيءَ تي رکي، ان جي پرسان هڪ ڪنوار جي ساهيڙي ويهاريندا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته ان کان پوءِ ان مجسمي کي، شرنائين ۽ دهل دمامن سان گڏ نچندا ڪڏندا، ماٺهو ائسوپس درياه جي ڪناري وٽي ويندا هئا، جتان ان کي وري شهر ڏانهن واپس آندو ويندو هو. هر ست سالن کان پوءِ بوئيشيا جا سيٽي باشندا گڏجي "عظيم ڊائڊالا" جي تقريب ملهائيندا هئا، انهيءَ تقريب جي موقعي تي، سيني مجسمن کي، جي کل ڇوڙهن هوندا هئا ۽ گڏريلن ننڍڙن ننڍڙن جشنن جي موقعن تي ڪٽا ڏيندا هئا، گاڏين تي رکي، جلوس جي صورت ۾ ائسوپس درياه تي وٽي ويندا هئا، جتان وري انهن کي سٽائرآن جبل جي چوٽيءَ تي ڪٽي، باه جي وڏي سج ۾ وڃي ساڙيندا هئا. انهن جشنن جي سمجهاڻيءَ طور جيڪو قصو بيان ڪيو ويندو آهي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ماٺهو زيوس ديوتا جيي هيرا ديويءَ سان، جنهن جو شاه بلوط جي ڪاٺ مان مجسمو ٺهندو هو، جنهن کي پوءِ ڪنوار جو لباس پهرايو ويندو هو، شادي ملهائيندا هئا. سئيڊن ۾ هر سال "فري" ديوتا جو قد آدم مجسمو، جو حيوانات ۽ نباتات جي آبادي جو ديوتا هو، گاڏيءَ ۾ رکي سڄي شهر ۾ ڦيرايو ويندو هو ۽ ساٺس گڏ هڪ خوبصورت نوجوان دوشيزه ويهاري ويندي هئي، جنهن کي ديوتا جي زال سڏيو ويندو هو. ديوتا جي "اپسالا" واري وڏي مندر ۾ اهائي سندس پوجارڻ جو ڪردار ادا ڪندي هئي. ديوتا ۽ سندس خوبصورت نوجوان زال جو گاڏو جڏهن ۾ ويندو هو، اتي ماٺهن جا انبوه اڇي گڏ ٿيندا هئا ۽ سڪر سٽائيءَ واري سال لاءِ ڪيس نذرانا پيش ڪندا هئا.

چنانچه قديم زماني جي قومن ۾ ديوتائن کي مجسمن يا ماٺهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان شاديءَ کرائڻ جي رسم عام جام ۽ دور دور تائين ڦهليل هئي. اهڙيءَ رسم جو جن نظرين تي بنياد بڌل آهي، سي اهڙا ته بي ڊولا ۽ اڻ گهڙيل آهن، جو هن حقيقت تسليم ڪرڻ کان سواءِ انسان کي ٻيو ڪو چاروئي ڪونهي ته مصرين، يونانين ۽ بابلين جهڙين سڌريل ۽ مهذب قومن کي اها رسم سندن وحشي يا اڻ سڌريل ابن ڏاڏن وٽان ٿي ورثي ۾ ملي هئي. انسان جي انهيءَ انومان کي هن ڳالهه مان تقويت ملي ٿي ته اڄ ڌ ساڳئي قسم جون رسمون پسمانده قومن ۾ مروج آهن. چنانچ، مثال طور، چيو وڃي ٿو ته هڪ دفعي روس جي مالميز ضلعي جي ووتياڪ قوم وارن کي ٻ چار سال لاڳيتو فصلن جي سوڪ اچي تنگ ڪيو. ڪين خبر نٿي پيئي ته ڇا ڪجي، پر آخرڪار هنن فيصلو ڪيو ته سندن طاقتور ۽ شرارتي ديوتا، ڪريمت، کي ڪنواري رهجي وڃڻ ڪري ڪاوڙ لڳي هوندي. ان ڪري قوم جي پرين مڙسن جو هڪ وفد ڪيورا جي ووتياڪ قبيلي وارن وٽ ويو ۽ انهن سان ان باري ۾ ڪو ڳاهه ڪري آيا. ان کان پوءِ برانبيءَ جو وڏو ذخيرو جمع ڪري، هڪ گاڏو ۽ گهوڙا سينگاري ۽ ڳاهي، گهنڊ وڄائيندا، ڪيورا جي مقدس هڙيءَ ڏانهن اهڙي نموني جلوس ڪڍي ويا، جيئن ڪنوار کي گهر وٽي اڃ وقت ڪڍندا هئا. اتي هنن سڄي رات خوب کاڌو ۽ پيتو ۽ پٽي ڏينهن صبح جو هڙيءَ جي زمين مان مٽيءَ جو هڪ چورس چڪو وڍي پاڻ سان گڏ گهر کڻي ويا. ان کان پوءِ جيتوڻيڪ مالميز وارن مائهن وٽ سکر سڃائي ٿي، پر ورڻي ڪيورا ۾ حالتون خراب ٿي ويئون. چنانچ ڪيورا جي انهن مائهن کي، جن شاديءَ لاءِ منظوري ڏني هئي، ڏوه ڏنو ويو، ۽ سندن ٻوٽ وارن انهن کي سزا طور مارڪٽ ۾ ڪئي. جنهن مصنف انهيءَ واقعي جو ذڪر ڪيو آهي، سو لکي ٿو ته "شاديءَ جي انهيءَ رسم مان سندن کهڙو مقصد هو، سو سمجهڻ آسان ڪونه آهي. شايد، جيئن 'ٻيڪنيرو' سمجهي ٿو، هنن جو مقصد ڪريمت ديوتا کي ڏرتي خاتونءَ، رحمدل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلدار مڪلائسين ديوي۽ سان شادي ڪرائڻ جو هو، تہ جيئن اها ان ديوتا جي ڪو اثر وجهي تہ هو ڪا پلائي ڪري". بنگال ۾ جڏهن ڪوه ڪوئيا ويندا آهن، تڏهن ڪائي۽ مان ديوتا جو مجسمو ٺاهي، ان جي جل ديوي۽ سان شادي رچائي ويندي آهي.

گهٽ وقتن جي ديوتا جي قسمت ۾ ڪاٺ يا مٽي۽ جي ڪنوار نہ، پر گوشت ۽ پوست جي جيئري جاڳندي عورت هوندي آهي. پيروءَ جي هڪ ڪوٺ جي ڪاڙهن هندستانين جي قبيلي لاءِ مشهور آهي تہ اهي چوڏهن ورهين جي هڪ خوبصورت ڇوڪري۽ کي پاٺهوءَ جي صورت جهڙي هڪ پٿر سان شادي ڪرائيندا هئا، جنهن کي هو ديوتا (هوڏاڪا) سمجهندا هئا. سيئي ڪوناٽا انهيءَ ٿاڻي۽ ۾ حصو وٺندا هئا جا ڪنهن تائين هلندي هئي، ۽ ان ۾ ڏاڍي خوشي ڪئي ويندي هئي. ڇوڪري ان ڪان پوءِ ڪنواري رهندي هئي ۽ عوام خاطر ديوتا جي حضور ۾ قربانيون ادا ڪندي هئي. ان جو انتهائي احترام ڪيو ويندو هو ۽ ڪيس ديوي سمجهيو ويندو هو. هر سال مارچ مهيني جي وچ ڌاري، جڏهن چار سان مچي۽ مارڻ جي مند شروع ٿيندي هئي، تڏهن ائلگونڪن ۽ هوران قبيلن جا ڪاڙها هندستاني پنهنجن ڇارن کي قبيلي جي ٻن ڇوڪرين سان، جن جي عمر ڇهن يا ستن سالن جي اندر هوندي هئي، شادي ڪرائيندا هئا. شاديءَ جي دعوت وقت ڇار کي پنهي ڇوڪرين جي درميان رکيو ويندو هو ۽ ان کي همٿ ڪرڻ ۽ گهٽين ڇوڪرين ڪائڻ جي تلقين ڪئي ويندي هئي. اهڙين ننڍين ڇوڪرين کي ڪنوارين طور منتخب ڪرڻ جو سبب هي۽ هو تہ اهاخاطري رهي تہ اهي برابر ڪنواريون هيون. انهيءَ رسم جو بنياد هي ٻڌايو ويندو تہ هڪ سال، جڏهن مچي۽ مارڻ جي مند واپس وري آئي، تڏهن اڳي وانگر ائلگونڪن قبيلي وارن پنهنجا چار وڏا پر ڪجهہ نہ ڪاسائي سگهيا. پنهنجي۽ ناڪاميابي۽ تي حيران پريشان ٿيا. ڪين اهل خبر نہ ٿي پئي تہ ڇا ڪجي. تان جو چار جو روح (اوڪيي) هڪ ڏاڍي ڏڪي ماٺهوءَ جي صورت ۾ سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون اچي بڙڪيت ٿيو، جنهن کيڻ انتهائي غصي ۾ چيو، "منهنجي زال مري ويئي آهي ۽ مون کي هي ڪاڏ اڙي ٿي ملي جنهن تون کان سواءِ ٻئي ڪنهن مرد جو ننهن نه ڏنو هجي: اهوئي سبب آهي جو اوهين ڪامياب نه ٿا ٿيو ۽ نه ڪڏهن ڪامياب ٿيندا، جيسين مون کي انهيءَ باري ۾ راضي نه ڪنداء" اهڙيءَ طرح انگوٺڪن قبيلي واڻن صلاح مشورو ڪيو، ۽ ڇار جي روح کي ڏڏي ڪرڻ لاءِ ڪيس اهڙيءَ ننديءَ ڇنار جي ٻن چوڪرين سان شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيائون ته جيئن ڪيس آئينده لاءِ انهيءَ باري ۾ ڪا شڪايت نه رهي. هنن ائين ڪيو، ۽ ان کان پوءِ ايتري مچي مرڻ لڳي، جيتريءَ جي کين ضرورت هئي. انهيءَ قبيلي جي پاڙيسرين، هوران قبيلي واڻن، وٽ جو اها ڳالهه پهتي، ته انهن به ڪٽي اها رسم اختيار ڪئي. جيڪا مچي ڦاسندي هئي، تنهن جو ڪجهه حصو انهن چوڪرين جي خاندان کي ڏنو ويندو هو، جي سال لاءِ ڪنوارين جو ڪردار ادا ڪنديون هيون.

بنگال جي اورائون قوم وارا ڏرتيءَ کي ديوي ڪري پوڄيندا آهن، ۽ هرسال جڏهن سال نالي وڻ هور جهليندو آهي، تڏهن هو ان جي شادي سورج ديوتا، ڏرسي، سان ملهائيندا آهن. اها رسم هيئن ملهائي ويندي آهي. سڀئي ڇٽا وهنجندا آهن، جنهن کان پوءِ مرد پوتر هڙي (سرنا) ڏانهن وڃندا آهن ۽ زالون ڪوٺ جي پوجاريءَ وٽ ڪٺيون ٿيندڙيون آهن. سورج ديوتا ۽ هڙيءَ جي پوٽ جي تالن ۾ ڪجهه پڪي قربان ڪرڻ کان پوءِ، مرد کائيندا ۽ پيئندا آهن. "پوجاريءَ کي پوءِ هڪ مضبوط ماٺهوءَ جي ڪلهن تي واپس ڪوٺ ڪٽي ويندا آهن. ڪوٺ جي پرسان عورتون مردن سان ملنديون آهن ۽ سندن پير ڌوئنديون آهن. دهل وڄائيندا، ڇڇندا ٿيندا ۽ گائيندا، سڀئي پوجاريءَ جي گهر ويندا آهن، جنهن کي پڻ ۽ گلن سان سينگاريو ويندو آهي. پوءِ پوجاريءَ ۽ سندس زال جي رسمي طور شادي ڪئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جا سڄ ۾ ڌرتيءَ جي نام نهاد- وصل جي علامت هوندي آهي. شاديءَ جي رسم ادا ڪرڻ بعد، سڀ ڇٽا خوب ڪائيندا، پيئندا ۽ مزا ڪندا آهن، هو نچندا ۽ فحش راڳ ڳائيندا آهن، جنهن ڪان پوءِ وحشيانہ شهوت پرستيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، جنهن سان سندن مراد ڌرتي ماتا کي ڦلدار ٿيڻ لاءِ آماده ڪرڻ هوندو آهي". اهڙيءَ طرح سورج ۽ ڌرتيءَ جي مقدس شاديءَ، جنهن جو ڪردار پوجاري ۽ سندس زال ادا ڪن ٿا، زمين جي آبادي‌ءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جو جادوءَ جي ٽوٽي وانگر منعقد ڪئي ويندي آهي، ۽ ساڳئي ئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ. هم آهنگ جادوءَ جي اصول مطابق، ماڻهو بي تحاشا ۽ بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي جنسبازيءَ جو عيش ڪندا آهن.

هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته اها فوق‌الفطري هستي جنهن سان عورتن جي عموماً شادي ڪئي ويندي آهي، ديوتا يا ڀاڻيءَ جو روح هوندو آهي. چنانچه وڪٽوريا نياتر ڊنڊي جي ديوتا، "مڪاسا"، کي، جنهن کي باگندا قبيلي وارا هر دفعي ڪنهن ڊگهي سفر اختيار ڪرڻ وقت ڪنهن طرح راضي ڪندا هئا، شادي ڪرڻ لاءِ ڪنڌاريون چوڪريون ڏيون ويندیون هيون. انهن چوڪرين کي پاڪدامن رهڻو هو، پر ڪائنس اڪثر خطاڪاري ٿيندي رهندي هئي. اها رسم تيسين هلندي رهي، جيسين سوانگا (قبيلي جي سردار) عيسائي مذهب اختيار ڪيو. برٽش ايسٽ آفريڪا جي اڪيڪويو قبيلي وارا هڪ خاص درياه جي نانگ جي پوڄا ڪندا آهن، ۽ ڪجهه سالن جي عرصي کان پوءِ هو نانگ ديوتا کي عورتن ۽ خاص ڪري نوجوان چوڪرين سان شادي ڪرائيندا آهن. انهيءَ مقصد لاءِ قبيلي جي "ويچن" جي حڪم سان خاص جهوپڙيون اڏيون ويندیون آهن، جتي اهي پاڻ ويساه سوڙل عورتن سان ديوتائي شاديءَ جي تڪميل ڪندا آهن. جيڪڏهن چوڪرين پنهنجيءَ رضا خوشيءَ سان ڪافي تعداد ۾ انهن جهوپڙين ڏانهن نم ويندیون آهن، ته کين زبردستيءَ ديوتا جي هم آغوشيءَ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏانهن گهلي ولي ويندا آهن. انهن پراسرار ميلاپن مان جيڪي هار جمندا آهن، تن کي ديوتا (نڪائي) جو اولاد سڏيو ويندو آهي. جيو وڃي تو تہ هڪ دفعي جڏهن ايشٽ انڊين پيٽن مان ٻوڙو نالي هڪ ٻيٽ جي ڪاپيلي مقام جي باشندن کي اڃي اندیشو پيدا ٿيو تہ واڪون ايترا ديوتا ٽيا آهن ۽ ايترا ٻڪريا آهن، جو ڪين ڪائي ناس ڪري ڇڏيندا، تڏهن هنن ان جو سبب هي سمجهيو تہ واڪن جي شهزادي جي اتان جي ڪنهن خاص چوڪريءَ سان بي انتها محبت ٿي ويئي هئي. چنانچہ انهن هڪ ڪنواري چوڪريءَ جي پيءُ کي پنهنجي ڏيءُ کي ڪنوار جي پوشاڪ پهرائي سندس ان واڳو عاشق جي چنبن ۾ اڇلائي ڏيڻي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. انهيءَ ساڳئي قسم جي رسم مالديپ پيٽن ۾ به اتان جي باشندن جي اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ، مروج ٿيڻي وڃي ٿي. مشهور عرب سياح ابن بطوطہ انهيءَ رسم جو بيان ڪيو آهي. اهو به ٻڌايو آهي تہ ان جي پڄاڻي ڪڻڻ ٿيءُ ۾ هن کي متعدد معتبر مقامي ماڻهن يقين ڏياريو تہ جڏهن مالديپ پيٽن جا رهاڪو ايجا بت پرست هئا، تڏهن انهن وٽ هر مهيني جنن منجهان هڪ بد روح ايندو هو، جو هڪ جهاز جي صورت ۾، جنهن ۾ مشعلون روشن هونديون. هيون، سمنڊ جي طرف کان ايندو هو. بد روح جي ظاهر ٿيڻ تي اتان جي باشندن جو هي دستور هو تہ اهي هڪ ڪنواريءَ چوڪريءَ کي هار سينگار ڪرائي سمنڊ جي ڪناري تي ٻيڙي پنهنجي هڪ مندر ڏانهن وڃي ويندا هئا، جنهن ۾ هڪ اهڙي دري هوندي هئي، جنهن مان سمنڊ ڏانهن نهاري سگهبو هو. رات جو هو ڪنواريءَ چوڪريءَ کي اتي ڇڏي ويندا هئا ۽ ڏڃهن صبح جو واپس ورندا هئا، تڏهن ڏسندا هئا تہ هوءَ ڪنواري نہ هوندي هئي ۽ ان مٿي پيئي هوندي هئي. هر مهيني هو پڪا ڪيندا هئا ۽ جنهن جي ناليءَ ۾ پڪو نڪرندو هو، سو پنهنجي ڏيءُ سمنڊ جي راکاس جي حوالي ڪندو هو. سڀئي کان پوئين چوڪريءَ کي، جيڪا اهڙيءَ طرح راکاس کي آڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي هئي، ۽ هر ڪوم جي هڪڙي نيڪ ۽ خدا ترس انسان بچائي وڌو ۽ قران جون آيتون پڙهي هو ان بد روح کي واپس سمنڊ ڏانهن پڇائي ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

اين بطوط جنهن راڪاس عاشق ۽ ان جي فاني ڪنوارين جي ڳالهه بيان ڪئي آهي، سا هڪ اهڙي لوڪ-ڪٿا سان گهري مشابهت رکي ٿي، جنهن جهڙيون ڳالهيون مشرق ۾ جپان ۽ انام کان ولي مغرب ۾ سينيگئمبيا، اسڪنڊينيويا ۽ اسڪاٽلئنڈ تائين ٻڌيون ويون آهن. مختلف قومن جي ڳالهين ۾ ڪجهه تفصيلي فرق آهن، پر عام طرح اها ڳالهه هيٺن ڪئي ويندي آهي، ڪنهن ملڪ ۾ ڪو ڪثيرالتعداد منهن وارو نانگ، ڪا بلا، يا ٻيو ڪو راڪاس اچي منهن ٿو ڪيي، جو سڄيءَ قوم کي فنا ڪرڻ جي ڌمڪي ٿو ڏئي، جيڪڏهن ڪيس وقتاً فوقتاً ڪو ماڻهو، گهٽو ڪري ڪا ڪنواري چوڪري، ڪائن لاءِ نه ڏني ويندي. ڪيئي اهڙيون ڪنواريون ناس ٿي وڃن ٿيون، ۽ آخرڪار وقت جي بادشاه جي ڌيءَ جي نالي قربان ٿيڻ جو پڪو نڪري ٿو. ڪيس راڪاس جي منهن ۾ ڏيڻ لاءِ موڪليو ٿو وڃي، ۽ قصي ۾ پيش ڪيل سورمو، جو گهٽو ڪري ڪنهن غريب خاندان جو نوجوان آهي، شهزاديءَ جي بدران ٿي وچ ۾ پوي ٿو، بلا کي ماري ٿو ۽ انهيءَ بهادراڻ ڪارنامي جي انعام طور شهزاديءَ جي پاڻهن حاصل ٿو ڪري. زياده تر قصن ۾ بلا، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن وڏو نانگ يا ازدها ٻڌايو ويندو آهي، ڪنهن سمنڊ، درياه يا چشمي جي پاڻيءَ جي ٻاهڪو آهي. ڪن ٻين روايتن ۾ اها بلا هڪ نانگ يا ازدها هوندي آهي، جا پاڻيءَ جي چشمن تي قبضو ڪندي آهي ۽ انهن جي پاڻيءَ کي وهڻ يا اتان جي ماڻهن کي ان جي استعمال جي اجازت فقط ڪنهن انساني قربانيءَ ملهه جي شرط تي ڏيندي آهي.

انهن سيني آکاڻين کي محض افسانا نگارن جي دماغ جي ايجاد سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏڻ غلطي ٿيندو. انهن سان انسان کي هيءَ ٽي فرض ڪرڻ گهرجي ته اهي ڪن نهايت قديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر حقيقي رسمن جو عڪس آهن، جن ماتحت چوڪرين يا عورتن
کي پاڻيءَ جي روحن سان (جن کي اڪثر وڏن نانگن يا ازدهائن
جي صورت ۾ تصور ڪيو ويندو هو) شادي ڪرڻ لاءِ قربان
ڪيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

روم ۽ آلبا جا بادشاه

۱ـ **نوما ۽ ايگيريا:** مٿي ذڪر ڪيل رسمن ۽ ڏند ڪٿائن جي جائزي مان اسين هي انومان ڪڍي سگهون ٿا ته زمين جي آبادي ۽ لاءِ، جنهن تي ماڻهن ۽ مرن جي زندگي ۽ جو آخري طور دارومدار رهي ٿو، اڪثر نباتات ۽ ٻاڦ ۽ جي طاقتن جي مقدس شادي رچائي ويئي آهي ۽ اهڙين رسمن ۾ ديوتائي گهوٽ ۽ ڪنوار جو ڪردار گهڻو ڪري جيئري جاڳندي مرد ۽ عورت ادا ڪيو آهي. اهو ثبوت، ان ڪري، هن انومان کي تقويت بخشي ٿو ته نيمي ۽ جي مقدس هڙي ۽ ۾، جتي نباتات ۽ ٻاڦ ۽ جي قوتن سايه دار ٻيلن، ڪرندڙ آبشارن ۽ شيشي جهڙي ۽ ڍنڍ جي سهڻين صورتن ۾ پنهنجو مظاهرو ڪيو آهي، اتي اسان جي ٻُڌي جي بادشاه ۽ راڻي ۽ جي شادي ۽ وانگر ٻيلي جي فاني بادشاه ۽ ٻيلي جي لافاني ديوي ۽ ڍائنا، جي درميان هرسال شادي رچائي ويندي هئي، هن سلسلي ۾ انهي ۽ هڙي ۽ ۾ هڪ وڏي ۽ اهميت واري هستي ٻاڦ ۽ جي پري ايگيريا هئي، جنهن کي حامله عورتون پوڄيندڙن هيون، ڇو ته ڍائنا وانگر هوءَ به سندن ويم ۾ آساني پيدا ڪندي هئي. انهي ۽ ڪالهه مان صاف طور هي ۽ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ٻين گهڻن چشمن وانگر ايگيريا چشمي جي ٻاڦ ۽ ۾ ۽ ڏڪي ڪرڻ ۽ ويم ۾ آساني پيدا ڪرڻ جي طاقت موجود سمجهي ويندي هئي: نذر ڪيل جهنگن، جيڪي سر زمين تان لڏيون ويون آهن ۽ جي صاف طرح اولاد جمع سان تعلق رکن ٿيون، سي ممڪن آهي ته ڍائنا جي بدران ايگيريا جي نالي اربع ٽيل هيون، يا شايد اسان کي هيٺ چوڻ گهرجي ته ٻاڦ ۽ جي پري ايگيريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود فطرت جي عظيم ديوي، ڏائنا، جو ٻيو روپ هئي - اها ڏائنا، جا جوشيلن ۽ ڪڙڪيدار درياهن ۽ سايه دار ٻيلن جي مالڪياڻي هئي، جنهن جوگهر ڏنڊ جي پاسي ۾ هو ۽ جنهن جو "آئينو" ڏنڊ جو مالو پاڻي هو، ۽ جنهن جي يوناني پيڻ آرٽيمس چشمن ۽ تلاڻن ۾ واسو ڪرڻ پسند ڪندي هئي. ايگيريا جي ڏائنا سان شناخت جيئي پلوٽارچ جي هن بيان مان خاطري ٿئي ٿي ته 'ايگيريا شاه بلوط جي انهن پرين مان هڪ هئي، جنهن لاءِ روبي سمجهندا هٿا ته اها شاه بلوط جي هر سبز هڙيءَ ۾ موجود هئي.' چوته ڏائنا جيتوڻيڪ عام طور ٻيلن جي ديوي هئي، ان جي باوجود هوءَ شاه بلوط جي وڻن سان خاص طرح، ۽ سوڀ بالخصوص نيميءَ واريءَ مقدس هڙيءَ ۾، وابسته هئي. ايگيريا شايد انهيءَ چشمي جي پري هئي، جو مقدس شاه بلوط جي پاڙن سان وهندو هو. چيو وڃي ٿو ته، ڊوڊونا وٽ اهڙو هڪ چشمو شاه بلوط جي هڪ وڏي وڻ جي پاڙ وٽان نڪرندو هو، جنهن جي پاڻيءَ جي مدر آواز مان پوڃارڻ غيب جون خبرون ونندي هئي. يونانين ۾ وري هي اعتقاد هو ته ڪن خاص مقدس چشمن يا ڪوهن مان پاڻيءَ جو هڪ ڏڪ، پيئندڙ کي اڻڪٽين ڪرڻ جون طاقتون بخشيندو هو. اها گالهه فاني انسانن جي عقل کان گهڻن بالاتر عقلمنديءَ جو حوالو فراهم ڪري ٿي، جنهن سان، روايت مطابق، ايگيريا پنهنجي شاهي مڙس يا عاشق، نوما، کي نوازيو هو. جڏهن هيءَ گالهه ڏيان ۾ رکجي ٿي ته قديم معاشري ۾ ڪيترقدر ته بادشاه کي گهٽو ڪري مينهن وسڻ ۽ زمين جي آبادي لاءِ ذميدار قرار ڏنو ويندو هو، تڏهن هن انومان کي ڏيڻ ۾ اسين مشڪل آهي جو غلط ثابت ٿيون ته نوما ۽ ايگيريا جي شاديءَ جي سائن سوڀن ۾ اسان کي انهيءَ مقدس شاديءَ جو عڪس ملي ٿو، جا قديم روبي شهنشاهه، پنهنجن ديوتائي يا جادوءَ جي فرض جي ادائگيءَ ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ، نباتات ۽ پاڻيءَ جي ديوين سان باقاعدي رچائيندا هٿا. اهڙيءَ رسم ۾ ديويءَ جو ڪردار ڪو مجسمو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کا زنده عورت ادا ڪري سگهي ٿي... ۽ عورت جي حالت ۾، امڪان آهي ته اها راڻي ٿي ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن انهيءَ اندازي ۾ ڪا حقيقت آهي، ته پوءِ اسين هي فرض ڪري سگهون ٿا ته روم جو بادشاه ۽ راڻي پنهنجيءَ شاديءَ تي بلڪل ساڳيءَ طرح ديوتا ۽ ديويءَ جو سانگ رچائيندا هئا، جيئن مصر جي بادشاه ۽ راڻيءَ جي حالت ۾ معلوم ڪيوسون. نوبا ۽ ايگيريا جي روايت، شاديءَ جي وصل جي جاءِ جي باري ۾، مقدس هڙيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي ۽ نہ ڪنهن گهر ڏانهن، ان ڪري امڪان آهي ته "ٻئي جي بادشاه ۽ راڻي"، يا انگور جي ول جي ديوتا ۽ اٽينس جي راڻيءَ جي شادين وانگر، هيءَ شادي به نہ فقط ڏرتيءَ پر ماڻهن ۽ حيوانن جي عام آبادي جي خاطري ڪرڻ لاءِ هرسال جادوءَ جي هڪ ٽوڪي مثل ادا ڪئي ويندي هجي. هاڻي، ڪن روايتن مطابق انهيءَ شاديءَ جي جاءِ نيميءَ جي مقدس هڙيءَ ڪان سواءِ ٻي ڪانہ هئي، ۽ ڪن ٻي ربا ٿبوتم ۽ دليلن جي بنياد تي اسين هيءَ به فرض ڪري سگهيا آهيون ته انهيءَ ساڳيءَ هڙيءَ ۾ "ٻيلي جي بادشاه" جي ڊائنا ديويءَ سان شادي ڪئي ويئي هئي. تحقيقات جي ٻن مختلف ۽ واضح شاخن جو اهڙيءَ طرح هڪ نقطي تي اچي گڏجڻ اسان کي هن راءِ قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ته رومي بادشاه جو ايگيريا ديويءَ سان روايتي وصل، "ٻيلي جي بادشاه" جو ايگيريا ديويءَ يا سندس نعم البدل ڊائنا ديوي جي وصل جو عڪس يا نقل آهي. انهيءَ سان هي مطلب هرگز ڪونهي ته رومي بادشاه ڪڏهن به اُريشيا جي مقدس هڙيءَ ۾ ٻيلي جي بادشاه جو ڪردار ادا ڪندا هئا، پر امڪان آهي ته ڪين اوائل ۾ اهڙي ئي ڪنهن عام قسم جو مقدس ڪردار ادا ڪرڻو پيو هجي ۽ اهڙن ئي ڪن ساڳين شرطن تي هنن شروعات ۾ بادشاهي منصب حاصل ڪيو هجي. زياده صاف لفظن ۾ ڪٿي هيٺن چئجي ته ممڪن آهي ته هنن حڪومت پنهنجي ڪنهن نسلي حق يا فوقيت جي عوض حاصل نہ ڪئي هجي ۽ نہ اهڙي ئي ڪنهن نسلي حق سبب هو حڪمراني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کندا پئي آيا هجن، ۽ کنهن ديوتا جي روپ يا نمائندي هڻ ڪري، پنهنجي نام نهاد ديوتائي خوبيءَ ۽ تقدس سبب ٿي اهو اعليٰ منصب ماڻيو هجين ۽ پاڻ لاءِ مخصوص ۽ محفوظ رکي سگهيو هجين، ۽ انهيءَ ڪري ٿي هو هڪ ديويءَ جان تعلق قائم ڪندا هئا، ۽ پنهنجن ديوتائي فرضن جي ادا ڪرڻ ۾ پنهنجي اهليت ۽ جسماني قوت ثابت ڪرڻ لاءِ کين وقت بوقت جسماني ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو هو، جا ڪشمڪش زياده تر موقعن تي هنن لاءِ پهلڪ ثابت ٿيندي هئي ۽ سندن تاج يا بادشاهي منصب سندن ڪامياب ۽ ڪامران رقيب جي حوالي ٿي ويندو هو. رومي بادشاهي سلسلي جي متعلق اسان جيَ معلومات ايتريقدر تہ ٿوري آهي، جو اسان انهن انسانن مان ڪنهن هڪ لاءِ ۾ خاطريءَ سان فيصلو نہ ٿا ڪري سگهون، ۽ نيميءَ جي پوچارين ۽ رومي بادشاهن يا البت انهن اونداهن زمانن ۾، جي ڏندڪٿائن جي پرده ڦٽڪان ۾ اکوڙات هئا، سندن اوائلي ابن ڏاڏن جي درميان انهن سڀني حالتن ۾ ڪم از ڪم هڪجهڙائيءَ جا ڪي منتشر اشارا يا نشان موجود ضرور آهن.

۲ـ بادشاه، جيوپيٽر ديوتا جي حيثيت ۾: سڀ کان اول اٿين ٿو نظر اچي تہ رومي بادشاه خود عظيم جيوپيٽر ديوتا جو ڪردار ادا ڪندا هئا، چو تہ ويندي شهنشاهي دور تائين فتحياب فوجي سردار پنهنجي ڪاميابيءَ جي جشن ملهائڻ وقت ۽ سرڪس ۾ منعقد ٿيل راندين تي صدارت ڪندڙ منجسٽريٽ، جيوپيٽر جو لباس پائيندا هئا، جو خاص موقعي لاءِ جيوپيٽر ديوتا جي ڪيپيٽال تي ٻيل وڏي مندر مان اڌارو ورتو ويندو هو. ان باري ۾ قديم خواه جديد دور وارن عالمن هيءَ متفق ۽ اعتبار جوگي راءِ قائم ڪئي آهي تہ اٿين ڪرڻ سان اهي فوجي سردار ۽ منجسٽريٽ رومي بادشاهن جي روايتيَ پوشاڪ ۽ ٻين خصوصي نشانن جو هوبهو نقل ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي هو شهر جي بازارين سان چڱن گهوڙن وارن رٿن تي، جن جي مٿن ۾ سدا ساون (*Laurel*) پنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا تاج پيل هوندا هئا، سواري ڪندا هئا ۽ باقي ٻيا سپ ماڻهو سندن پويان پيادل هلندا هئا، زريءَ سان پريل يا سنهري ستارن لڳل قرمزي رنگ جا چوغا پائيندا هئا، ساڄي هٿ ۾ هو سدا ساون پنن واري ٽاري ڪٽندا هئا ۽ ڏائي ۾ عاج جو ڏنڊو هوندو هون، جنهن جي چوٽيءَ تي عقاب ويٺل هوندو هو، سندن پيشانيءَ تي سدا ساون پنن جو هار پيل هوندو هو، منهن کي ڳاڙهي سندر سان سرخ ڪندا هئا ۽ سندن مٿي جي مٿان هڪ غلام نهري سون مان ٺهيل هڪ وزندار تاج جهلي هلندو هو، جو شاه بلوط جي پنن وانگر ٺهيل هوندو هو. اهڙيءَ پوشاڪ ۾ ملبوس ٽيل ماڻهوءَ جي ديوتا سان مشابهت سپ کان زياده عقاب واري ڏنڊي، شاه بلوط جي پنن جهڙي تاج ۽ سرخ صورت ۾ صاف عيان ٿئي ٿي، چوته عقاب جيوپيٽر جو دلپسند پکي ۽ شاه بلوط سندس مقدس وڻ هو، ۽ سندس مجسمي جي شڪل کي جو ڪئپيٽال تي چئن گهوڙن واري رٿ ۾ ويٺل آهي، ميلن ملاکڙن ۽ ڏڻن وارن تي باقاعدگيءَ سان رڳي سرخ ڪيو ونڊيو هو، درحقيقت ديوتا جي شڪل کي موزون رنگت ڏيڻ کي اهڙي ته اهميت حاصل هئي جو قديم روم جي دل اڳاڙيندڙ آفيسر جي پهرين منصبي فرض مان هڪ انهيءَ کي ڪرائڻ لاءِ ٺيڪي ڏيڻ جو هو. جيئن ته فتحيابيءَ وارو جلوس هميشه ڪئپيٽولائين واري جيوپيٽر ديوتا جي مندر وٽ وڃي ختم ٿيندو هو، ان ڪري هيءَ ڳالهه خاص طور موزون هئي ته ڪامياب سردار جو مٿو شاه بلوط جي پنن جي تاج سان مزين هجي، چوته، نه فقط هرهڪ شاه بلوط جو وڻ جيوپيٽر ديوتا جي ٽالي ۾ مقدس هو، پر جيو وڃي ٿو ته روميولس بادشاه ڪئپيٽولائين وارو ديوتا جو مندر شاه بلوط جي هڪ مقدس وڻ جي پاسي ۾ ٺهرايو هو، جنهن جو ريڍار احترام ڪندا هئا ۽ بادشاه ان تي اهو سازوسامان لٽڪائيندو هو، جو هو دشمن جي فوجي مهندارڪان جنگ ۾ ڪٽندو هو. اسان کي صاف طرح ٻڌايو ويو آهي ته ڪئپيٽال واري جيوپيٽر کي شاه بلوط جو مقدس تاج پهريل هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اووڊ" جي هڪ تحرير مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان کي ديوتا جو خاص نشان سمجهيو ويندو هو.

هڪ روايت موجب، جنهن کي رد ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪو، سبب ڪونهي، روم جو بنياد آلبا لونگا شهر کان آيل ماڻهن وڌو هو. اهو شهر آلبن ٽڪرين جي لاهين تي بيئل هو، جتان ديئي ۽ ڪئمپينا ٽڪري، جو نظارو صاف ڏسڻ ۾ ايندو هو. چنانچہ جيڪڏهن رومي بادشاه آسمان، گجگوڙ ۽ شاه بلوط جي ديوتا، جوپيٽر، جي نمائندي يا ظاهري روپ هڻڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، تہ اهو انومان ڪيڏ هڪ فطرتي امر آهي تہ آلبا جي بادشاهن ۾، جن سان روم جي بنياد وجهندڙن پنهنجو شجرو ملايو هو، انهن کان اڳ اهڙي قسم جي دعويٰ ڪئي هوندي. آلبا جو خاندان "سلوائي" يا "ويلي" جي نالي سان سڏبو هو ۽ هيءَ گاله مشڪل ئي بنان ڪنهن مقصد جي هوندي تہ ايئينس* کي عالم زيرين ۾ روم جي تاريخي شان و شوڪت جو جيڪو نظارو ڏيکاريو ويو هو، تنهن ۾ ورجل جهڙي قديم تهذيب جي طالبعلم ۽ شاعر، "سلوائي" خاندان جي سڀني بادشاهن کي شاه بلوط جي تاج سان ڊڪيل ڏيکاريو هو. چنانچہ شاه بلوط جي بڻن جو هار آلبا لونگا جي قديم بادشاهن ۽ سندن جانشين رومي بادشاهن جي خصوصي نشانن جو هڪ حصو هو، ۽ بنهي حالتن ۾ اهو بادشاه کي شاه بلوط جي ديوتا جو انساني روپ ڪري ظاهر ڪندو هو. روم جي قديم تاريخ ۾ هن گاله جو ذڪر ڪيل آهي تہ آلبا جي بادشاهن مان هڪ، جنهن جو نالو روميولس، رئميولس يا اُميوليس سلويس هو، پنهنجيءَ شخصي حيثيت ۾ پاڻ کي جيوپيٽر جو همسر يا ان کان به اعليٰ تر ديوتا ثابت ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پنهنجين دعوائن کي ثابت ڪرڻ ۽ رعايا تي رعب ۽ دهشت ويهارڻ لاءِ هن ڪي اهڙيون ڪلون تيار ڪيون، جن جي وسيلي هو آساني گجگوڙ جي ڏهڪائيندڙ ٽڪاءَ ۽ وڄ جي شعاع جو

* "ورجل" جي ڪتاب ۾ پيش ڪيل هڪ خيالي ڪردار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقل ڪندو هو. ڊيوڊورس بيان ڪري ٿو ته ميون جي موسم ۾ جڏهن گجگوڙ وڏي آواز واري ۽ جلد جلد ٿيندي آهي، تڏهن بادشاه پنهنجن سپاهين کي حڪم ڏنو ته اهي آسماني توپخ ني جي آواز کي دٻائڻ لاءِ پنهنجين تلوارن کي ڏالن سان ٽڪرائي ٽيئن وڏو آواز پيدا ڪن. پر هن کي پنهنجيءَ بدي جي سزا پوڳٽي پيئي، چو ته هو خود ۽ سندس گهر هڪ پوائتي طوفان جي دوران ۾ وڄ ڪرڻ سبب ناس ٿي ويا. زوردار مينهن جي پاڻيءَ جمع ٿيڻ سبب آلبن ڊنڊ جي پاڻيءَ ۾ اڻل آئي، جنهن ۾ سندس محلات ٻڏي ويو. هڪ قديم تاريخ نويس چوي ٿو ته اڄا تائين ۾ جڏهن پاڻيءَ جي سطح هيٺ لڏل هوندي آهي ۽ ان جو مٽاڇرو هوا نہ هڻڻ ڪري ماڻو هوندو آهي، تڏهن صاف ڊنڊ جي تري ۾ محلات جا ڏڏل نشان نظر ايندا آهن. ايلس جي بادشاه سالمونيس، جي قصي سان گڏي هين تي غور ڪرڻ سان هيءَ روايت انهيءَ حقيقي رسم ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جا روم ۽ يونان جا بادشاه ادا ڪندا هئا، جن ۾ سندن آفريڪا وارن موجوده زماني جي "سائين" وانگر فصلن جي پلائيءَ لاءِ مينهن ۽ گجگوڙ پيدا ڪرڻ جي اميد رکي ويندي هئي. پوڃاري بادشاه نوما کي آسمان سان وڄ پيدا ڪرڻ جي هنر ۾ ڪاريگر سمجهيو ويندو هو. اسان کي معلوم آهي ته اڄ ڪلهه جي جديد دور ۾ ۽ بعض قومون مينهن وسائڻ لاءِ جادوءَ جي ٽوڪي طور نقلي گجگوڙ پيدا ڪنديون آهن، ته پوءِ قديم بادشاهن ساڳئي مقصد لاءِ اهو يڪ ٽڪ علاج چو نہ اختيار ڪيو هوندو؟

چنانچہ جيڪڏهن آلبا ۽ روم جي بادشاهن شاه بلوط جي پٽن جو تاج پائي جيوپيٽر جو، شاه بلوط جي ديوتا جي حيثيت ۾، نقل ڪيو هو، ته معلوم ٿئي ٿو ته انهن گجگوڙ ۽ وڄ پيدا ڪرڻ جي ڊونگ ڪرڻ سان سندس آب و هوا جي ديوتا جي حيثيت ۾ ۽ نقل ڪيو هو. جيڪڏهن انهن ائين ڪيو هو ته امڪان آهي ته آسمان ۾ جيوپيٽر ديوتا ۽ زمين جي متعدد بادشاهن وانگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن ۾ ٻلڪ جي لاءِ "مينهن وسائڻ واري جادوگر" جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ جڏهن ٻ اسائيل ڏرتيءَ فرحت بخشيندڙ پاڻيءَ لاءِ دانهن ڪئي، تڏهن انهن پنهنجن جنترن منترن وسيلي سياه آسمان مان مينهن جي وسکارن کي نچوڙي ۽ نيوڙي باهر ڪڍيو. روم ۾ آسماني دروازا هڪ مقدس پٿر وسيلي کولڻا ويندا هئا ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اها رسم جيوپيٽر ايليشيس، جيڪو ديوتا ڪرن مان چمڪندڙ وڄ ۽ ٿر ٿر ڪندڙ مينهن چڪي ولي ٿو، جي سائڻ سوٽن جو هڪ حصو هئي، ۽ انهيءَ رسم ادا ڪرڻ لاءِ بادشاه کان سواءِ، جو آسماني ديوتا جو جيڙو جاڳندو نمائندو آهي، ٻيو ڪير زياده موزون ٿي ٿي سگهيو؟

جيڪڏهن رومي بادشاه ڪيپٽولائين واري جيوپيٽر جو نقل ڪندا هئا، ته سندن پيشنشين، آلبا جا فرمانروا، عظيم لاطيني جيوپيٽر جي نقل ڪرڻ جي جسارت ڪندا هئا، جنهن جو قيامگاه آلبن جبل جي چوٽيءَ تي شهر جي مٿان ٻيئل نظر ايندو هو. انهيءَ خاندان جي ڏند ڪٿائن ۾ سندن بنياد وجهندڙ، لاطينس، لاءِ چيل آهي ته هو قديم لاطيني بادشاهن جي مخصوص انداز مطابق پر اسرار نموني غائب ٿي وڃڻ کان پوءِ لاطيني جيوپيٽر جي روپ ۾ تبديل ٿي ويو. جبل جي چوٽيءَ تي ٻيئل ديوتا جو اهو آستانو لاطيني برادريءَ جو اهڙوئي مذهبي مرڪز هو، جهڙو آلبا انهن جو تيستائين سياسي مرڪز هو، جيستائين روم ان پنهنجي پراڻي رقيب جي قبضي مان اقتدار کسي نه ورتو هو. ظاهري طور جيوپيٽر جي نالي ۾ سندس هڪ مقدس جبل تي کوهه مندر (جيڪو لفظ "مندر" مان اسان جو مطلب هوندو آهي) تعمير ڪرايو هو، جيوپيٽر ديوتا جا پوجاري ٻنهه ڪليل هوا ۾ سندس پوجا ڪندا هئا. ۽ هڪ آسمان ۽ گجگوڙ جي ديوتا جي پوجا جو اهو ئي طريقو موزون به هو. اها ٽلهي پٽ، جنهن جا ڪجهه ڦٽل ٽڪر قديم مڙهيءَ جي باغ جي چوڌاري اڃا تائين بيٺا آهن، انهيءَ مقدس حاطي جو حصو معلوم ٿين ٿا، جو روم جي آخرين بادشاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽيلي "تارڪين" لاطيني برادريءَ جي سالياني اجتماع منعقد ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيو هو. جبل جي هن هوادار چوٽيءَ تي ديوتا جو سپني کان زياده قديم آستانو هڪ هڙيءَ جي صورت ۾ هو. نہ فقط شاه بلوط جي وڻ جي جيوپيٽر ديوتا سان مقدس نسبت، پر آلبا جي بادشاهن جو روايتي شاه بلوط جي پنن جو تاج ۽ روم جي ڪيپيٽال واري جُپيٽر جي ان گالهه سان مشابهت وغيره کي ڌ ڏيان ۾ رکي، اسين هي فرض ڪري سگهون ٿا تہ انهيءَ هڙيءَ ۾ جيڪي وڻ ٻڌل هٿا، سي شاه بلوط جا وڻ هٿا. اسان کي خبر آهي تہ قديم زماني ۾ آلبن ڪرين جي آخرين چيڙي واريون ڪريون، مائونٽ آلگيڊس، شاه بلوط جي گهاڻن کارن ٻيلن سان ڍڪيل هيون، ۽ تمام پراڻي زماني ۾ لاطيني برادريءَ جي قبيلن مان، جن جو آلبن جبل تي قربان ڪيل اڇي ڍڳي جي گوشت ۾ حصو هوندو هو، هڪ قبيلي جا ماڻهو پاڻ کي "شاه بلوط جا ماڻهو" سڏائيندا هٿا ــ ۽ تحقيق ان جو سبب اهي ٻيلا هٿا، جن ۾ هو سڪونت پذير هٿا.

پر مٿين گالهين مان جيڪڏهن اسين هي:تصور ڪريون تہ تاريخي دورن ۾ سچو ملڪ لاڳيتن شاه بلوط جي ٻيلن سان ڇانيو ٻيو هو، تہ اها اسان جي غلطي ٿيندي. اسان وٽ ٿيئوفراسٽس جو چڌيل ان علائقي جي چوٿينءَ صديءَ قبل مسيح جي ٻيلن جو بيان موجود آهي. هو چوي ٿو: "لاطينن جو سچو ملڪ گهميل آهي، ميدانن ۾ سدا ساون پنن جا ٻوٽا ۽ مختلف قسمن جا خوبصورت ۽ خوشبودار گل ۽ وڻ ٻيدا ٿين ٿا، هواهڙا ڏگها ڏگها وڻ وڏي ڪيرائين ٿا، جو انهن مان هرهڪ ٽڙ سڄي جهاز جي ڪوهي لاءِ ڪافي ٿيندو. جبلن ۾ چيل ۽ چنار جا وڻ آپرن ٿا. جنهن کي ماڻهو 'سائرس' جو ملڪ سڏين ٿا، سو هڪ بلند پهاڙي علائقو آهي، جنهن ۾ شاه بلوط ۽ سدا ساون وڻن جا گهاڻا ۽ سرسبز ٻيلا آهن. مقامي ماڻهو چوندا آهن تہ سائرس اتي رهندو هو ۽ هو، ايلهينور جي قبر ڏيکارينداآهن، جنهن مان 'سيرئل' قسم جا اهي وڻ اپرن ٿا، جن مان هار ٺاهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا آهن، حالانڪ عام قسم جا 'سرڪل' گھٽو ڏيکا ڏيندا آهن."
چنانچہ روم جي اوائلي دورن ۾ آلبن جبل تان جيڪو نظارو ڏسڻ
۾ ايندو هو، سو ڪن ڳالهين ۾ اڄ واري نظاري کان بلڪل
مختلف هوندو. هڪ طرف گلابي رنگ جون اٽيلائين ٽڪريون،
پنهنجيءَ ابدي خاموشيءَ ۽ سڪون سان ۽ ٻئي طرف چمڪدار
پونچ سمنڊ پنهنجيءَ ابدي، بي آراميءَ ۽ تشويش سان، بلاشبہ ان
وقت به، سڄ جي تيز روشنائيءَ ۾ ڪوٽل پوتل، خواه ڪرن جي
تيز ڊوڙندڙ سايي سبب ڪڏهن آس ۾ ته ڪڏهن چانو ۾، بلڪل
اهڙي ئي ڏڪ ڏيندا هوندا، جهڙي اهي اڄ ڏيئي رهيا آهن،
۽ ڪٿمپيا جي ويران ۽ بيمارين سان ڀريل ۽ اجڙيل اودي رنگ
جي وسعتن بجاءِ، جنهن جي هڪ ڪناري کان ونئي ٻئي تائين،
مرزا* جي خواب واريءَ ۾ پل جي ٿلل ڦٽل ڪمانن وانگر شڪستہ
۽ زبون حال حوض ڏهليل آهن، ان زماني جي نظاري ڪنڊ جي
اڪ ضرور گھاڻن ۽ سرسبز ٻيلن تي پوندي هوندي، جي هر
طرف، ميلن جي ڏيگھ ۾ ايتريءَ دوريءَ تائين چانيل هٿا، جيستائين
انهن جا ساوا يا موسم خزان جي اثر کان گلابي ۽ زرد رو ٿي ويل
مختلف رنگ پري کان نظر ايندڙ جبلن ۽ سمنڊ جي نيلي رنگ
سان ملي هڪ ٿي ويندا هٿا.

۾ جيوپيٽر ديوتا پنهنجي مقدس جبل جي چوٽيءَ تي تنها
حڪمراني ڪرڻ هلائيندو هو. ساٽس پنهنجي رقيقہ حيات، "جيونو"
ديوي، ۾ گڏ هئي. جيئن جيوپيٽر ديوتا ۽ جيونو ديويءَ کي
ڪئپيٽال تي شاه بلوط جو مقدس تاج ڀهريل هو، تيئن اسان کي
سمجھڻ گھرجي ته آلبن جبل تي به اهو هنن لاءِ اهڙو ئي مقدس
۽ لازمي هو، جاکاڻ ته ڪئپيٽال واري رسم آلبا وارن وٽان ئي
اختيار ڪيل هئي. چنانچہ "شاه بلوط جي ديوتا" کي "شاه بلوط
جي ديوي" "شاه بلوط جي هڙيءَ" ۾ ئي گھربي هئي. ساڳيءَ

* انگريزي ٻوليءَ جي مشهور انشاپرداز، جوزف آڊيسن (۱۶۷۲ع-۱۷۱۹ع)
جي هڪڙي افساني جو خيالي ڪردار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ڊوڊونا وٽ شاه بلوط جي ديوتا زيوس کي "ڊيون" ديوي رفيقهٔ حيات جي حيثيت ۾ ڏني ويئي هئي، جنهن جو نالو محض "جيونو" لفظ جو ٻيو نمونو هو ۽ ساڳيءَ طرح ستارن جبل جي چوٽيءَ تي ٻه، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، ان کي شاه بلوط جي ڪالميءَ مان ٺهيل هيرا ديويءَ جي مجسمي سان ڪڏهن ڪڏهن شادي ڪرائي ويندي هئي. ممڪن آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالهه کي يقيني طور ثابت نه ٿو ڪري سگهجي، ته لاطيني نسل جون سيٽي قومون جيوپيٽر ۽ جيونو جي مقدس شادي هر سال انهيءَ مهيني ۾ منعقد ڪنديون هيون، جنهن کي انهن ديويءَ جي نالي پٺيان، وچ اونهاري واري "جون" مهيني جو نالو ڏنو.

جيڪڏهن رومي، سال جي ڪنهن ٻ وقت، جيوپيٽر ۽ جيونو جي مقدس شادي منعقد ڪندا هئا، جيئن يوناني زيوس ۽ هيرا جي ساڳئي قسم جي شادي رچائيندا هئا، ته اسان کي هي فرض ڪرڻ گهرجي ته روم جي اوائلي "جمهوري دور" ۾ اها رسم يا ديوتائي جوڙي جي مجسمن سان ادا ڪئي ويندي هئي يا انهن جا ڪردار "فليمن ڊيالس" ۽ سندس زال "فلئمينيڪا" ادا ڪندا هئا. چوته فليمن ڊيالس جيوپيٽر ديوتا جو پوڄاري هو، درحقيقت قديم ۽ جديد مصنفن هن کي امڪان جي وڏيءَ حد تائين جيوپيٽر ديوتا جي جيئري جاڳندي تصوير ۽ آسماني ديوتا جو انساني روپ تصور ڪيو آهي. قديم دورن ۾، جيوپيٽر جي نمائندي جي حيثيت ۾، رومي بادشاه مقدس شاديءَ ۾ فطرتي طور آسماني گهوٽ جو ڪردار ادا ڪندو هو ۽ سندس زال بلڪل اهڙي نموني جٽي ڪنوار جي حيثيت اختيار ڪندي هئي،... جيئن مصر ۾ بادشاه ۽ راڻي ديوتائن مٿن جو ڊونگ ڪندا هئا ۽ جيئن ايٿنس ۾ راڻي هر سال انگور جي ول جي ڊيونيسس سان شادي ڪندي هئي. اهڙيءَ حقيقت، ته رومي بادشاه ۽ راڻي جيوپيٽر ۽ جيونو جا ڪردار ادا ڪندا هئا، هن ڳالهه جي ڪري ٻ وڌيڪ قدرتي لڳي ٿي، جو انهيءَ ديوتا ۽ ديويءَ کي بذات خود "بادشاه" ۽ "راڻيءَ" جا لقب ڏنا ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالهه ائين هئي يا نه، پر بهرحال نوما ۽ ايگيريا جي روايت ۾ انهيءَ وقت جي يادگيري سمايل آهي، جڏهن ٻوچاري - بادشاه بذات خود ديوتا- ڪوٺ جو ڪردار ادا ڪندو هو، ۽ جيئن ته هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪافي سبب آهن ته رومي بادشاه شاه بلوط جي ديوتا جي نمائندي ڪندا هئا ۽ ايگيريا کي صاف طور شاه بلوط جي پري سڏيو ويو آهي، ان ڪري انهن جي وصل جي داستان مان هي انوهان نڪري ٿو ته روم ۾ شاهي دور ۾ هڪ اهڙي موسمي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، جا ائينس ۾ ارسطوءَ جي زماني تائين هر سال ادا ٿيندڙ رسم سان مشابهت رکندڙ هئي. روم جي بادشاه جي شاه بلوط جي ديويءَ سان شاديءَ جو مقصد، ائينس جي راڻيءَ جي انگور جي ول جي ديوتا سان شاديءَ وانگر، هڪ آهنگ جادوءَ ذريعي نباتات جي پيدائش ۽ واڌاري کي تيز ڪرڻ جو هوندو هو. انهيءَ رسم جي ٻنهي طريقن منجهان رومي رستو بنان ڪنهن شڪ شبهي جي زياده قديم آهي، ۽ شمالي حملي آورن جڏهن پونوچ سمنڊ جي ڪناري تي انگور جي ول کي پهريون دفعو ڏٺو، تڏهن کان ڪٺو اڇي، سندن ابن ڏاڏن سرڪزي ۽ شمال يورپ جي بي پايان ۽ الاهه شاه بلوط جي ٻيلن ۾ وڻن جيي ديوتا جي وڻن جي ديويءَ سان شادي رچائي چڏي هئي. اسان جي ڏينهن جي برطانيه ملڪ مان ٻيلا ڪٺو ڪري غائب ٿي ويا آهن، ان جي باوجود اڃا ۽ ڪٺن ڪوٺن جي ساون پٽن ۽ ڪٺين ۾ انهيءَ مقدس شاديءَ جي جهڪي صورت سي-ڊي جي. دهقاني جلوسن ۽ جلسن ۾ باقي نظر اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏهون

قديم لاطينين ۾ بادشاهي ورڇو

روسي بادشاه جي متعلق، جنهن جا مذهبي فرض بعد ۾ سندس جانشين، "مقدس رسمن ادا ڪندڙ بادشاه"، ڪي ورڻي ۾ ملياء مڃين ٻاڻن ۾ ڪيل بحث اسان کي هيٺين نتيجن تي پهچايو آهي. هو آسمان، گجگوڙ ۽ شاه بلوط جي عظيم ديوتا جوپيٽر جي نه فقط نمائندگي ڪندو هو، پر درحقيقت، خود ان جي شخصيت ۾ اختيار ڪندو هو، ۽ انهيءَ حيثيت ۾ هو دنيا جي ٻين متعدد ۽ مختلف حصن جي انيڪ بادشاهن وانگر پنهنجي رعايا جي پلائي ۽ بهبودي ۽ خاطر ضرورت سارو مينهن، گجگوڙ ۽ وڄ پيدا ڪندو هو. ازانسواءِ هو شاه بلوط جو هار ۽ ديوتائن جي ٻئي سازوسامان پائڻ سان نه فقط شاه بلوط جي ديوتا جو نقل ڪندو هو، پر هن کي شاه بلوط جي هريءَ، ايگيريا، سان شادي ۾ ڪرائي ويندي هئي، جا ٻيلن ۽ ٻاڻيءَ جي راڻيءَ ۽ ويسٽا جي ديويءَ جي حيثيت ۾ محض ڏائنا ديويءَ جي هڪ مقامي صورت هئي. اهي سڀئي نتيجا، جن تي اسين خاص طرح روسي شهادتن جي آڌار تي پهتا آهيون، ٻين لاطيني قومن سان شايد زياده خاطريءَ سان لاڳو ڪري سگهجن ٿا. ممڪن آهي ته انهن وٽ ۽ ڪنهن قديم زماني ۾ پنهنجا پوجاري بادشاه هجن، جن پنهنجا ملڪي اختيارات ٻاڻ وٽ محفوظ رکي، فقط پنهنجا مذهبي فرائض پنهنجن جانشين "مقدس رسمن جي بادشاهن" ڪي منتقل ڪري ڏنا هجن.

پر ان سلسلي ۾ اسان کي هڪ هي سوال اڃا پڇڻو آهي ته قديم لاطيني قبيلن ۾ بادشاهي وراثت جا ڪهڙا قاعدا قانون هئا؟ روايت مطابق، روم جا ڪل اٺ بادشاهه هئا ۽ انهن مان ٻوين پنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ بهرصورت، اسان هن باري ۾ مشڪل ٿي هيءَ شبهو ڪري هڪوڻ ٿا ته اهي سڀ پڇ تخت تي ويٺا هئا ۽ انهن جي حڪومت جي روايتي تاريخ جو مڪمل خاڪو صحيح ۽ مستند آهي. هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته روم جي پهرئين بادشاه، روميولس، لاءِ جيتوڻيڪ چيو ويندو آهي ته هو آلبا جي بادشاهن جي نسل مان هو، جن وٽ بادشاهيءَ جو ورثو وقت جي بادشاه جي نرينہ اولاد کي ملندو هو، ان جي باوجود روم جي تخت تي ويٺل هڪ ٻ بادشاه جو پٽ ڪانئس ٻوءِ تخت تي نہ ويٺو، حالانڪ انهن مان گهٽن پنهنجي ڀيڻين پٽ ۽ پوٽا چڏيا. ٻئي طرف انهن مان هڪ پنهنجي ماءُ جي ذريعي، ۽ نہ پيءُ جي وسيلي، سابق بادشاه جو اولاد هو، ۽ باقي پين بادشاهن مان ٽن، يعني ٽاليس، تارڪئن پهرئين ۽ سرويئس ٽوليس، جو ورثو سندن نائين کي مليو، جي سيڀئي غيرملڪي يا غير ملڪي نسل جا هئا. هن مان هي اندازو ڪڍي ٿو ته بادشاهيءَ جو حق زنانہ پشت وارن کي ملندو هو، ۽ اهو سڀ پڇ غير ملڪين ماڻيو، جن شاهي خاندان جي شهزادين سان شاديون ڪيون. عالمانہ ٻوليءَ ۾ اهاڳالهه هيئن ڪڍي چئجي ته روم ۽ گهٽو ڪري سڄي لاطيني علاقي ۾ عام طور بادشاهيءَ جي ورثي جو فيصلو ڪن اهڙن قاعدن موجب ڪيو ويندو هو، جي سڄيءَ دنيا جي اوائلي معاشري ۾ تقريباً هرهنڌ زير عمل هئا: يعني (۱) پنهنجي قبيلي کان باهر شادي ڪرڻ، (۲) "ٻيڻا شادي" ۽ (۳) زنانہ مائٽي يا ماءُ جي پشت جي وراثت. "ٻيڻا شادي" اهو قانون آهي، جنهن مطابق مرد کي پنهنجي جنم وارو گهر چڏي، زال جي مائٽن سان سڪونت اختيار ڪرڻي آهي. "زنانہ مائٽي يا ماءُ جي پشت" جو مطلب اهو طريقو آهي، جنهن جي وسيلي مائٽي ۽ خانداني نالو مردن جي بدران زالن جي پشت مان اختيار ڪبو آهي. لاطينين ۾ جيڪڏهن بادشاهيءَ جو ورثو انهن اصولن مطابق فيصل ٿيندو هو، تہ انهيءَ معاملي ۾ ان وقت جون حالتون ڪجهه قدر هين طرح هونديون. هر هڪ قبيلي جو سياسي ۽ مذهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪرَ بادشاه جي جلهه ۾ هرندڙ دائمي باه هوندي، جنهن جي سنڀال شاهي قبيلي جون "ويسٽا ديوي" جون پاڪ ڪنواريون" ڪندیون هيون. خود بادشاه ٻئي قبيلي، شايد ٻئي ڪنهن شهر يا ٻئي قوم جو ماڻهو هوندو، جنهن ٻنهنجي پيشرو جي ڏي سان شادي ڪئي هوندي ۽ ان جي ڀانهن سان گڏ بادشاهي ۾ ملي هوندیس. ڪيس ان سان جيڪي پار ٿيندا هوندا، سي ٻنهنجي ماڻ جي نالي سان سڏبا هوندا ۽ نه ٻي جي، ڏيئر گهر ۾ رهنديون هونديون، پٽ جڏهن وڏا ٿيندا هوندا، تڏهن گهر ڇڏي دنيا ۾ نڪري پوندا هوندا ۽ شاديون ڪري ڏارين قبيلن ۾ ٻنهنجن زالن جي گهرن ۾، بادشاهن خواه عام ماڻهن جي حيثيت ۾، رهي پوندا هوندا. ڏيئرن سان، جيڪي گهر ۾ رهي پونديون هونديون، ڪي يا سڀ "مقدس چلهه ۾ دائمي هرندڙ باه" جي خدمت لاءِ ٿوري يا گهڻي عرصي تائين "ويسٽا ديوي" جون پاڪ ڪنواريون" ٿي رهنديون هونديون، ۽ انهن سان هڪ ڇڻي وقت گذرڻ سان ڪنهن سان شادي رچائيندي هوندي، جو اهڙي طرح سندس پي جو جانشين بنجي ملڪ جو بادشاه بنجي ويهي رهندو هوندو.

هن مفروضي قائم ڪرڻ سان هي فائدو آهي ته لاطيني بادشاهي سلسلي جي روايتي تاريخ ۾ جيڪي ڪجهه ناقابل فهم خصوصيتون آهن، سي انهي سڌي سادي ۽ فطرتي طريقي سان صاف سمجهه ۾ اچي وڃن ٿيون. چنانچه اهي روايتون جيڪي ٻڌائين ٿيون ته لاطيني بادشاه "ڪنٽارين" مائن ۽ "ديوتا" ٻيئرن سان جمندا هئا، ڪجهه زياده قابل فهم ٿي پون ٿيون. جو ته انهن قصن تان جڏهن ڏند ڪٿائن جو پڙدو هٽائجي ٿو، تڏهن اهي هن کان زياده ٻيو ڪو به مطلب نه ٿيون رکن ته هڪ عورت کي ڪنهن نامعلوم مرد سان پار ٿيو آهي، ۽ پي جي نالي جي متعلق اها غير يقيني حالت عزازت جي ضرف انهي سرشتي ۾ موجود رهي سگهي ٿي، جنهن ۾ پي جي حيثيت کي بلڪل نظر انداز ڪيو وڃي. لاطيني بادشاهن جي جنم وقت جيڪڏهن سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽر واقعي نامعلوم هنا، تہ پوءِ اها حقيقت هن طرف اشارو ڪري ٿي تہ يا تہ شاهي خاندان ۾ اخلاقي پستي عام جام هئي، يا ڪن خاص موقعن تي، جڏهن مرد ۽ زالون ڪنهن خاص موسم ۾ اوائلي دور جي عام جنسي آزاديءَ ڏانهن واپس ورندا هئا، تڏهن اخلاقي قاعدن جي گرفت ڪي خاص طرح ڍلو ڇڏيو ويندو هو. معاشري جي ڪن ارتقائي منزلن تي اهڙي قسم جون تقريبون غير معمولي ڪينهن، جڏهن مختلف فرقن ۽ جنسن جي تفاوتن کي پس پرده ڌڪو ڪيو ويندو هو. يورپ جي تقريباً هر ملڪ ۾ انهن جا نشان، جيڪڏهن ناتال جي تقريب ۾ نہ، تہ "مي-ڊي" ۽ "وٽسنٽائيڊ" جي موقعن تي گهٽي زماني تائين باقي رهندا آيا. اهڙي ذري گهٽ گاڏڙ ساڏڙ جنسي ميلاپ جي نتيجن مان چاول پارن ڪي، جي انهيءَ قسم جي تقريبن جي خصوصيت هوندا آهن، قدرتي طرح انهيءَ ديوتا جي پڻن جي حيثيت ۾ پالي وڏو ڪيو ويندو هو، جنهن جي نالي ۾ اها خاص تقريب ملهائجي ويندي هئي.

هن باري ۾ هيءَ ڳالهہ اهميت واري معلوم ٿئي ٿي تہ روم ۾ عامي ساٿهو ۽ پانهن وچ اونهاري واري ڏينهن (۳۰ جون تي) خوشيءَ ۽ بد مستيءَ جي هڪ تقريب ملهائيندا هئا، جنهن کي "باه سان چاول بادشاه سرويس ٽوليس" سان خاص طرح وابستہ ڪيو ويندو هو، ۽ اهو جشن فارچونا ديويءَ جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو هو، جا سرويس سان اهڙي محبت ڪندي هئي، جهڙي ايگيريا پري نوما بادشاه سان. انهيءَ موسم ۾ جيڪي دلچسپ خوشيون ملهايون ويندیون هيون، تن ۾ پيادل دوڙ ۽ پيڙهن جي شرط شامل هيون، ٽائبر درياه ان وقت گلن جي هارن سان سينگاريل پيڙهين سان خوبصورت معلوم ٿيندو هو، جن ۾ نوجوان شراب جا دنگ وٺا لٽيندا هئا. اها تقريب وچ اونهاري جو اهو جشن معلوم ٿئي ٿو، جنهن ۾ اسير ۽ غريب جو فرق ڪونہ رهندو هو ۽ ٻئي حقيقي ڏڻ جي جواب ۾ ملهايو ويندو هو، جو وچ سياري ۾ ايندو هو. جديد يورپ ۾، جيئن اسان کي اڳتي هلي معلوم ٿيندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مبسمر" (ڇ اونهاري) جو وڏو جشن خاص طرح "عاشقن ۽ ماه جو جشن" ٿي رهيو آهي، ان جي ڪيترن خصوصيتن مان هڪ عاشق معشوقن جي جوڙين ٿاهڻ جي آهي، جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي ماه جي مڃن مٿان ٽپا ڏيندا آهن يا ماه جي شعلن مٿان هڪٻئي ڏانهن گل اڇلائيندا آهن، ۽ انهيءَ پراسرار موسم ۾ جيڪي گل ڦٽندا آهن، تن مان عشق و محبت ۽ شاديءَ مرادين جا گهڻيئي شگون ۽ فالون ڪڍيون ويندڙيون آهن. سال جو اهو وقت گلاب جي گلن ڦٽڻ ۽ پيار ۽ محبت جي اپرڻ جو آهي. ان جي باوجود، جديد دور ۾ اهڙين تقريبن جي حسن آفرينيءَ ۽ معصوميت سبب اسان کي هن حقيقت کان بيخبر نٿو ڪري ته اوائلي دورن ۾ انهن جون خصوصيتون اڄ جهڙيون سنجيده ۽ مهذب نه هونديون هيون، ۽ اهي ان زماني ۾ جيئن هيون، شايد اهوئي انهن جو جوهر ۽ خاص مقصد هوندو هو. درحقيقت ايسٽونيا جي گهٽ مهذب ڪٽمبن کاسبين ۾ اهي خصوصيتون اڄ ڏينهن تائين نه ته تازي گذريل زماني تائين ته پڪ موجود رهيون آهن. رومين جي "مبسمر" واري جشن جي هڪ ٻي خصوصيت خاص طور قابل توجه آهي. انهيءَ ڏينهن ٽي گلن جي هارن سان سينگاريل ٻڙين ۾ ويهي درياه ۾ سير ڪرڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته اها رسم ڪنهن حد تائين "پاڻيءَ جي تقريب" هئي، ۽ پاڻيءَ، جديد دور تائين، "مبسمبر ڊي" جي رسمن ۾ هڪ خاص ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن مان هيءَ ڀالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته جو ڪليسا انهيءَ پراڻيءَ بت پرستانه رسم مٿان ڏڪ وجهڻ لاءِ ان کي نئين سينٽ جان ڊي بپٽسٽ* سان وابسته ڪيو آهي.

لاطيني بادشاهن متعلق جيڪو هيءَ شڪ آهي ته اهي محبت جي اهڙن سالياني جشنن جي عياشيءَ جي پيداوار هوندا، سو لازمي طور محض هڪ قياس آهي، جيتوڻيڪ نوما بادشاه جو پاريليا جي ميلي ٽي روايتي جنمن جڏهن ريڊار موسم بهار جي باهين جي مڃن مٿان ائين ٽپندا هئا، جيئن مبسمر وارين باهين مٿان عاشق

* هڪ مشهور اوائلي عيسائي مبلغ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ معشوق ٿپ ڏيندا هئا، انهيءَ انوهان کي امکان جو جهکو رنگ ڏيئي وڃهي ٿو، ۽ اهو ممکن آهي ته انهن بادشاهن جي ٻيڙن جي متعلق غير يقيني حالت انهن جي موت کان گهٽو عرصو پوءِ پيدا ٿي هجي، جڏهن انهن جون شخصيتون ڏند ڪٿائن جي هوائي دنيا ۾ تحليل ٿي ويئون، ۽ هن ڏسجندڙ وائسجندڙ فاني دنيا کان آن تخيلاتي ابدي عالم تائين پهچندي، انهن قسم قسم جُون ناقابل اعتبار، عجيب و غريب ۽ غير حقيقي صورتون ۽ ٻيڪيدار رنگتون اختيار ڪيون. جيڪڏهن هو انهيءَ ملڪ ۾، جنهن ۾ هو حڪومت ڪندا هئا، غير ملڪي لڏي آيل، اجنبي، يا زائر هئا، ته پوءِ هيءَ قدرتي ڳالهه آهي ته روم جا باشندا انهن جو حسب نسب ٿوري عرصي کان پوءِ فراموش ڪري ڇڏين، ۽ انڪي وسارڻ بعد، ان جي بجاءِ کين زياده رنگين ۽ شان و شوڪت واري بنياد سان نوازي، سڃائيءَ ۽ حقيقت جي ڪوٽ کي ٻيڪيدار ڪوڙ سان ڀرڻ جي ڪوشش ڪن. ائين ڪرڻ سان انهن کي آخرين طرح ديوتائي درجي تي رسائڻ جوکين نه فقط ديوتائن جو اولاد ۽ بذات خود ظاهر ظهور ديوتا جي حيثيت ۾ ظاهر ڪري ٿو، پاڻ زياده آسان ٿي ٿي پيو- هنن پاڻ ته پنهنجيءَ زندگيءَ جي دوران ۾ ئي، جيئن اسان کي معلوم آهي، درحقيقت پنهنجي لاءِ خود ديوتا هڻڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي.

جيڪڏهن لاطينين ۾ شاهي نسل واريون عورتون هميشه اباڻي گهر رهنديون هيون ۽ کين ٻئي نسل ۽ اڪثر ٻئي ملڪ جي ماڻهن سان پرڻايو ويندو هو، جي مقامي شهزادين سان شادي ڪرڻ سبب، بادشاهن جي حيثيت ۾ آئي ويهي حڪمراني ڪندا هئا، ته پوءِ اسين نه فقط هيءَ ڳالهه سمجهي سگهون ٿا ته روم جو تاج غير ملڪين جي حوالي ٿيندو رهيو، پر هيءَ حقيقت به سمجهي سگهون ٿا ته آلبا جي بادشاهن جي سالن جي فهرست ۾ ڏاريا نالا چو شامل ٿيل آهن. معاشري جي اهڙيءَ حالت ۾، جتي امارت ۽ خاندان فقط عورتن ذريعي شمار ڪيو وڃي - ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن ۾ جتي ماڻ جو بنياد سمجھ هجي ۽ پي جو بنياد ڪا به حيثيت نه رکي اتي اعليٰ کان اعليٰ خاندان جي چوڪرين کي گھٽ خاندان وارن، حتيٰ ڪ غير ملڪين ۽ پاڻهن سان به، ڳنڍڻ ۾ ڪوبه عار ڪونه ڪيو ويندو هوندو، بشرطيڪ اهي مرد بذات خود موزون سائي معلوم ٿيندا هجن. درحقيقت، مقصد فقط هي آهي ته شاهي نسل، جنهن تي رعايا جي آسودگي ۽ رعايا جي خود زندگي جو دارومدار سمجهيو وڃي ٿو، صالح ۽ ذي حيات نموني سان قائم ۽ دائم رکيو وڃي، ۽ انهي مقصد لاءِ ضروري آهي ته شاهي خاندان جون عورتون اهڙن ماڻهن سان شادي ڪري پار چڙهن، جي ماڻهو، اوائلي معاشري جي معيار مطابق، پاڻ پيدا ڪرڻ جو اهم فرض پوري طرح ادا ڪرڻ لاءِ جسماني ۽ دماغي طور ان جا اهل هجن. چنانچه سماجي ارتقا جي انهي منزل تي بادشاهن جي شخصي لياقتن کي تمام وڏي اهميت ڏني ٿي ويئي. جيڪڏهن هو، پنهنجي شاهي خاندان جي ڪنوارين وانگر پاڻ ۾ ڪنهن شاهي نسل جا هئا، ته بهتر، پر هروپرو اهو ضروري نه هو ته هو پاڻ ۾ شاهي خاندان جا هجن.

روم وانگر ايٿنس ۾ به اسان کي تخت جي ورثي لاءِ شاهي خاندان جي شهزادي سان شادي ڪرڻ جي ضرورت جا آثار ملن ٿا، چوته ايٿنس جي انتهائي قديم بادشاهن سان "سيڪراپس" ۽ "ائمفڪٽيان" نالن جي ٻن بادشاهن پنهنجن پيشرو بادشاهن جي ڌيئرن سان شادي ڪئي هئي. انهي روايت جي گهٽي قدر پختي شهادت ذريعي تصديق ٿئي ٿي، جنهن سان ثابت ٿئي ٿو ته ايٿنس ۾ "مردان پشت جي بادشاهي" کان اڳ "زنان پشت جي بادشاهي" جو سرشتو مروج هو.

ازانسواءِ جيڪڏهن آءٌ هن قياس ڪرڻ ۾ صحيح آهيان ته قديم لاطيني بادشاهن ۾، شاهي خاندانن وارا پنهنجين ڌيئرن کي گهرن ۾ رکندا هئا ۽ پٽن کي ٻين شهزادين سان شادين ڪرڻ ۽ انهن جي ماڻهن تي حڪومت ڪرڻ لاءِ باهر موڪليندا هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ٻوءَ هي نتيجو ازخود نڪري ٿو تہ ٻيءَ جي پشت وارو نئر اولاد پشت پشت جدا جدا ملڪن ۽ حڪومت ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو. قديم يونان ۽ قديم سڀيڻن ۾ واقعي ائين ڏيندو معلوم ٿئي ٿو. جنهن مان اسين بجا طور هي نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا تہ اها رسم يورپ جي آرين نسل جي هڪ ڪان وڌيڪ شاخن ۾ مروج هئي. متعدد يوناني روايتن ۾ ٻڌو ويو آهي تہ ڪيئن هڪ شهزادو پنهنجو مادر وطن ڇڏي، ڪنهن دور دراز ملڪ ۾ وڃي پهتو. بادشاه جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين، ۽ اتي ئي حڪومت جو وارث بنجي ويهي رهيو. شهزادن جي انهيءَ ترڪ وطن لاءِ قديم يوناني مصنفن انيڪ سبب ڏنا آهن. جن مان هڪڙو اڪثر هيءَ آهي تہ بادشاه جي پٽ کي قتل جي الزام ۾ ملڪ ڪان نيڪالي ڏني ويئي هئي. هن مان اهو تہ سمجهه ۾ اچي ٿو تہ هو پنهنجي ملڪ مان ڇو ڀڄي ويو، پر اهو هن ڳالهه جو سبب نٿو ٿي سگهي تہ هن نيٺ وڃي ڪنهن غير ملڪي بادشاهيءَ تي حڪومت ڇو ڪئي. اسان کي هيءَ شڪ پوي ٿو تہ اهڙا سبب بعد ۾ مصنفن جا ايجاد ڪيل آهن، جي هن ڳالهه تي هريل هئن سبب تہ رواجي طرح سان ٻيءَ جو ورڻو پٽ کي ملڻ گهرجي، ملڪ جي تاريخ ۾ ان جي برخلاف ايترين سارين روايتن کي ڏسي ڪري، جن موجب بادشاهن جي پنهن وطن ڇڏي ٻڌيهي بادشاهين ۾ وڃي حڪومت ڪئي هئي. اڄي هن مشڪل ۾ ڦاٿا تہ ان عجيب و غريب صورتحال جي هو ڪهڙي سمجهاڻي پيش ڪن. اسڪنڊينويا جي روايتن ۾ ۽ اسان کي ساڳين رسمن جا آثار ملن ٿا. ڇو تہ اسان پڙهيو آهي تہ ڊينمارڪ جي مڙسن پنهنجن شاهي سهرن جي بادشاهين مان حصو حاصل ڪيو، حالانڪ انهن سهرن کي پنهنجا پٽ ۽ هٿ.

خاص طرح "سهٽن وارن واري هئرولڊ" ڪان اڳ جي پنجن پشتن جي دوران ۾، جيئن "هير اسڪرنگلا" يا "ناروي جي بادشاهن جا دليرانا ڪارنامه" ڪتاب ۾ ذڪر آهي، "ينگلنگر" خاندان جي مردن، جو خاندان سڀيڻن ڪان آيل ڇيو وڃي ٿو، ناروي جي مقامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهن جي ڏيئرن سان شاديون ڪري اتان جا ڪم از ڪم ڇهه صوبا حاصل ڪيا هئا.

چنانچہ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ آريہ نسل جي ڪن قومن ۾ سندن معاشرتي ارتقا جي ڪنهن منزل تي، عورتن، ۽ نہ مردن، جي خون کي ئي شاهي خون جي موروثيت جو ذريعو سمجهيو ويندو هو، ۽ هر پشت ۾ لازمي طور ڪنهن ٻئي خاندان، ۽ اڪثر ٻئي ملڪ، جي مرد کي، جو شهزادين سان ڪنهن هڪڙيءَ سان شادي ڪندو هو، ان شهزاديءَ جي ملڪ ۽ قوم جي حڪمراني ۽ بادشاهي حوالي ڪئي ويندي هئي. لوڪ ڪهاڻين جو هيءَ عام واقعو، جنهن ۾ ٻڌايو ويندو آهي تہ ڪيئن هڪ خوش‌قسمتيءَ جو متلاشي، ڪنهن اجنبي ملڪ ۾ پهچي، بادشاه جي ڏيءَ جي ڄاڻ ۽ ان سان گڏ بادشاهيءَ جو اڌ يا سڄي بادشاهي حاصل ڪري ٿو. اهڙيءَ ئي ڪنهن حقيقي رسم ۽ دستور جو رهيل نشان معلوم ٿو ٿئي.

جتي اهڙي قسم جون رسمون ۽ خيال عام جام هجن، اتي ظاهر آهي تہ بادشاهت شاهي خاندان جي عورت سان شاديءَ کرڻ جو هڪ لازمي حصو آهي. ڊيتمارڪ جو قديم تاريخ نويس، سئڪسو گرئميٽيڪس، بادشاهيءَ جو اهڙو نظريو اسڪانڊنيوين جي ڏند ڪٿائن جي هڪ راڻيءَ، هرميونگروڊ، جي زباني نهايت سليقي سان بيان ڪري ٿو. "درحقيقت هوءَ راڻي هئي،" هرميونگروڊ چوي ٿي، "۽ جيڪڏهن سندس جنس آڏو نہ هجي ها، تہ هوءَ هڪ بادشاه هئي." پر نہ (۽ هيءَ تہ ان ڪان ۾ زوردار حقيقت آهي) جنهن ڪي به هن پنهنجي بستري جي قابل سمجهيو، اهو هڪدم بادشاه ٿي ويو ۽ هن پنهنجي بادشاهي پاڻ سان گڏ ان جي سپرد ڪئي. اهڙيءَ طرح سندس اختياريءَ ۽ اقتدار جو ڏنڊو ۽ سندس هٿ هميشه گڏوگڏ هوندا هئا." اهو بيان هن ڪري ايڏا ۾ زياده اهميت وارو آهي، جو ان‌جي ذريعي انهن ڪي اسڪانڊنيوين جي بادشاهن جي اصلي رسم و رواج جو عڪس ملي ٿو. تاريخ نويس "بيڊي" جي شهادت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۾ اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن به حڪومت جي ورڇ جي باري ۾ ڪو شڪ شبهو پيدا ٿيندو هو ته اسڪالنڊ جا قبائلي مردانه پشت مان نر ۾ هميشه زنانه پشت مان بادشاه جو انتخاب ڪندا هئا.

شاهي رشتي ۽ تخت و تاج لاءِ جيڪي شخصي خوبيون ۽ اوصاف ڪنهن ماڻهوءَ جي مقبول ٿيڻ جي لاءِ ضروري هئا، سي لازمي طور ان وقت جي عام خيالن ۽ بادشاه يا سندس نعم‌البدل جي سياءَ ۽ اخلاق مطابق الڳ الڳ هوندا، پر هي قياس ڪرڻ واجبي ٿيندو ته ان اعزاز واسطي اوائلي معاشري ۾ جسماني قوت ۽ خوبصورتيءَ کي اڪثر اولين ترجيح ڏني ويندي هوندي.

ڪڏهن ڪڏهن معلوم ٿئي ٿو ته شهزادين جي بانهن ۽ تخت و تاج جو حق ڏوڙ ذريعي طي ڪيو ويندو هو. ليويا جي آلتيمي خاندان وارا بادشاهي انهيءَ کي ڏيندا هئا، جو ڏوڙ ۾ سيني کان زياده تيز هوندو هو. قديم جرمن قوم وارن ۾ اميري درجي جا اميدوار گهوڙي تي چڙهي، بادشاه ڏانهن ڏوڙندا هئا، ۽ جيڪو سيني کان اڳ ۾ ان وٽ پهچي ويندو هو، تنهن کي امير ٻڌايو ويندو هو. هڪ روايت مطابق اولمپيا* ۾ سيني کان اوائلي راندين اينڊيمين T منعقد ڪيون هيون، جنهن پنهنجن پٽن کي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ ڏوڙ پچارائي هئي. جيو وڃي ٿو ته سندس قبر ڏوڙ جي انهيءَ ميدان جي هڪ ڪناري تي هئي، جتان ڏوڙ ۾ حصو ونڊڻ ڀڳا هئا. "پيلوپس ۽ هوڊيميا" جو مشهور يوناني قصو شايد فقط انهيءَ ڏند ڪٿا جي هڪ ٻي روايت آهي جنهن موجب مشهور

* تاريخ کان اڳ جي دور جو هڪ مرڪز، جتي يونانين جي عقيدي موجب ديوتا رهندا هئا. بعد ۾ اتي راندين ۽ ڪيلن جا عام مقابلا ڪيا ويندا هئا.

T زيوس ديوتا جو پوٽو جنهن جي لاءِ عام اعتقاد هو ته چنڊ مٿس موهت هو زيوس ڪيس مڪمل آزادي ڏني‌هئي ته جا شي طلبي سا ڪيس ملي، تنهن تي هن گهر ڪئي ته مون کي هميشه مٺي گهري نند ملي، جيئن سدائين جوان ۽ خوبرو رهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اولهپيا ۾ پهريون ڊوڙ جون شرطون جنهن انعام لاءِ ڇڪايون ويون هيون، سو بادشاهيءَ جي انعام کان سواءِ ٻيو ڪو انعام ڪونہ هو.

اهي روايتون شايد ڪنوار حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ ڇڪائڻ جي حقيقي رسم جو ڏس ڏيئي رهيون آهن، ڇو ته اهڙي رسم دنيا جي مختلف قومن ۾ اڃا تائين به موجود ٻيئي ڄائنجي، جيتوڻيڪ عملي صورت ۾ هاڻي اها بگڙيل حالت ۾ ۽ محض نالي ماتر وڃي بچي آهي. چنانچہ "هڪ اهڙي ڊوڙ آهي، جنهن کي 'عشق جي ڊوڙ' ڏيو ويندو آهي، ان کي ڪرگهيز نسل وارن جي شاديءَ جي تقريب جو هڪڙو حصو سمجهڻ گهرجي. انهيءَ رسم مطابق ڪنوار کي هڪ مضبوط ڇهڪ هٿ ۾ ڏيئي، تيز گهوڙي تي سوار ڪيو ويندو آهي، ۽ پوءِ سڀئي نوجوان، جي ان جي پانهن حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندا آهن، سندس پويان پوندا آهن. هن جي پانهن انهيءَ کي انعام طور ڏني ويندي آهي، جو ڪيس پڪڑڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، ۽ ڪيس پنهنجي گهوڙي کي بيحد تيز ڊوڙائڻ لاءِ مهميز طور استعمال ڪرڻ کان علاوه، پنهنجي ڇهڪ کي اهڙن عاشقن تي ڀرپور طاقت سان استعمال ڪرڻ جو حق ڀي حاصل هوندو آهي، جي ڪيس ناپسند هوندا آهن." ۽ ممڪن آهي ته هوءَ فقط انهيءَ اميدوار کي موقعو ڏيندي، جنهن کي هن اڳيئي پنهنجيءَ دل ۾ منتخب ڪري ڇڏيو هوندو". ڪنوار حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ جو رواج شمال مشرقي ايشيا جي ڪورپاڪ قوم وارن ۾ به آهي. اها رسم هڪ وڏي تنبوءَ ۾ ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن جي چوڌاري مسلسل گول چڪر جي صورت ۾ متعدد جدا ڪمرا جن کي "پولوگ" چيو ويندو آهي، ٺاهيا ويندا آهن. چوڪريءَ کي ڪجهہ وٽي ڏني ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن هوءَ انهن سڀني ڪمرن مان گهوٽ جي هٿن ۾ قاسڻ کان پاڻ ڇڪائي ٻاهر نڪري ايندي آهي، ته ڪم از ڪم ان گهوٽ سان شادي ڪرڻ جي آزار کان ڇٽي پوندي آهي. ڇانوٽيءَ جون عورتون مرد جي رستي ۾ هر قسم جي رڪاوٽ وڇهندڙون آهن، ڪيس ڪيرائيندڙون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، سنهن چهن سان ڏکَ ٻڌندیون آهن، وغيره، جيئن ڪيس ڪامياب ٿيڻ جو گهٽ موقعو ملي ـ علاوه هن جي، جو چوڪريءَ جي پنهنجي مرضي هن سان شادي ڪرڻ جي هجي ۽ هوءَ ڪنهن ڪوليءَ ۽ هن لاءِ ترسي ويهي رهي. ٽيوڊن نسل جي سيني ڦوٽن ۾ ۽ اهڙي ئي قسم جي زمن جي موجود گيءَ جو پتو ملي ٿو، چاڪاڻ ته جرمن، انگلو- سئڪسن ۽ نارس هولين ۾ "شاديءَ" لاءِ هڪ عام لفظ موجود آهي، جنهن جي معنيٰ آهي محض "ڪنوار لاءِ ڊوڙ"، ازانسواءِ، انهيءَ رسم جا ڪجهه نه ڪجهه آثار جديد دور تائين پڻ زنده رهندا پئي آيا آهن.

چنانچه، معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن ٻ چوڪريءَ ۽ خاص طرح شهزاديءَ سان شادي ڪرڻ جو حق، گهٽو ڪري زور آزمائيءَ جي ڪنهن مقابلي ۾ انعام طور ئي ڏنو پئي ويو آهي. ان ڪري هن ڪالهه ۾ ڪوبه عجب ڪرڻ جو سبب ڪونه ٿو نظر اچي ته رومي بادشاهن، پنهنجن ڏيئرن جي ٻانهن ڏيڻ کان پيشتر پنهنجن ٽيندڙ نائين ۽ جانشينن جي شخصي خوبين کي آزمائڻ لاءِ قديم زماني جي انهيءَ رسم جو سهارو ورتو هجي. جيڪڏهن منهنجو نظريو صحيح آهي، ته پوءِ پڪ ئي پڪ رومي بادشاه ۽ سندس راڻي، جيوپيٽر ۽ سندس رفيقهٔ حيات ديويءَ جو، سانگ رچائيندا هئا ۽ هر سال هن مقصد سان مقدس شاديءَ جون سڀ رسمون ادا ڪندا هئا ته جيئن فصل پلا ٿين ۽ مائهن ۽ مال وڃهه جو نسل وڌي ۽ ويجهي. اهڙيءَ طرح هو اهو ڪجهه ڪندا هئا، جو مٿين شمالي علائقن ۾، قديم زماني ۾، مئي جي بادشاه ۽ مئي جي راڻيءَ کي ڪرٽو پوندو هو. هاڻي اسان هن ڪان اڳ ڏسي آيا آهيون ته "سي-ڊي" جي سانگ رچائيندي، "مئي جي بادشاه" جي ڪردار ادا ڪرڻ ۽ "مئي جي راڻيءَ" سان "شادي ڪرڻ" جي حق جو فيصلو، ڪن وقتن تي، جسماني زور آزمائيءَ ۽ خاص طرح گهوڙي ڊوڙ وسيلي طي ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ته اها "شادي" ڪنهن اهڙيءَ پراڻيءَ رسم ۽ دستور جو آثار هجي، جنهن جو اسان تازو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي بيان ڪيو آهي ـ اها رسم جا شاديءَ جي اميدوار جي آزمائش لاءِ ادا ڪئي ويندي هئي. بادشاه جي حالت ۾ اهڙي آزمائش، واجبي طور، خاص سختيءَ سان ورتي ويندي هوندي ته جيئن ڪوبه شخصي نقص انهن مقدس سائن سوٽن ۽ رسمن رواجن جي ادائگيءَ کان هن کي قاصر نه بڻائي وجهي، جن تي، سندس ملڪي ۽ فوجي فرضن ادا ڪرڻ کان به زياده حد تائين، قوم جي آسودگيءَ ۽ سلامتيءَ جو دارومدار سمجهيو ويندو هو. هن کان هيءَ تقاضا ڪرڻ به هڪ قطرتي امر هو ته هو ساڳيءَ آزمائش سان پار پوڻ جو سيني جي روبرو وقت بوقت مظاهرو ڪري ثابت ڪري ڏيکاري ته هو پنهنجي اعليٰ منصب جي بجا آوري جو اڃا تائين اهل هو. انهيءَ ميعادي آزمائش جو باقي رهيل نشان شايد انهيءَ رسم جي صورت ۾ رهجي ويل ٿو پائنجي، جنهن کي "بادشاه جي پاڄ" ("ريگي فيوگم") چوندا هئا، ۽ جا روم ۾ شاهي دور تائين هرسال ملهائي ويندي هئي. هر سال فبروريءَ جي چوويهين تاريخ "ڪوميٽيم" ۾ هڪ قرباني ڪئي ويندي هئي، ۽ اها جڏهن پوري ٿيندي هئي، تڏهن "مقدس رسمن جو ادا ڪندڙ بادشاه" "فورم" مان اڪيلو پڇندو هو. اسين هي قياس ڪري سگهون ٿا ته "بادشاه جي پاڄ" دراصل "سالياني بادشاهي" حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ هئي، جنهن ۾ سيني کان تيز ڊوڙندڙ کي بادشاهي انعام طور ڏني ويندي هئي. سال جي اختتام وقت بادشاه ٻئي سال جي بادشاهيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ وري به ڊوڙي سگهيو ٿي، حتيٰ ڪ ڪنهن سال هو ڊوڙ ۾ هارائي ويهي، ۽ تخت تان لاٿو وڃي يا بنهه قتل ڪيو وڃي. انهيءَ طرح آوائلي وقت ۾ جيڪا ڊوڙ هئي، تنهن آخرڪار "پاڄ" ۽ "پٽيان پوڻ" جي صورت وجي اختيار ڪئي. بادشاه کي وٽي ڏيڻ ۾ ايندي هئي، هو ڊوڙندو هو ۽ سندس حريف ان جي پٽيان پوندا هئا، ۽ جيڪڏهن هو پڪڙجي پوندو هو ته ڪيس تاج ترڪ ڪرڻو پوندو هو، ۽ ٽي سگهي ٿو ته ڪيس سيني کان زياده تيز قدم. واري اميدوار کي پنهنجو مٿو ۽ ڏيڏو پوندو هو. گهٽي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذرڻ کان پوءِ، کو حوصلي ۽ همت وارو ماڻهو پاڻ کي مستقل طور تخت تي قائم رکڻ ۽ سالياني ڏوڙ يا پاڄ کي ٽالي ماتر ۽ خالي دستور ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي ويو هجي، جيئن تاريخي دور ۾ ان جي اهائي صورت رهندي پئي آئي آهي. انهيءَ "بادشاه جي پاڄ" واريءَ رسم مان بعضي روم جي بادشاهن جي جلاوطنيءَ جي يادگار جو مقصد پئي ڪيئوا ويو آهي؛ پر معلوم ٿئي ٿو ته اهو محض بعد جو ايجاد ڪيل خيال آهي، جو هڪ اهڙيءَ رسم جي سمجهاڻيءَ فراهم ڪرڻ خاطر گهڙيو ويو، جنهن جو اصلي مقصد ۽ مفهوم بنهه فراموش ٿي چڪو هو. هن ڳالهه جو زياده امڪان آهي ته "مقدس رسمن جو بادشاه" ائين ڪرڻ سان محض هڪ قديم رسم جي پوئواري ڪري رهيو هو، جا شاهي دور ۾ سندس پيشرو بادشاه هر سال ادا ڪندا هٿا. انهيءَ رسم جو اصل مقصد ڪهڙو هو، ان لاءِ شايد هميشه محض قياس آرائيون ئي ٿيندیون رهن: ۽ اُن جي هيءَ سمجهاڻي پڙهندڙن لاءِ مٿي پيش ڪندي، مون کي هيءَ انتهائي احساس رهيو آهي ته مسئلو بذات خود ڪيڏو نه مشڪل ۽ منجهائيندڙ آهي.

چنانچه جيڪڏهن منهنجو نظريو درست آهي، ته پوءِ رومي بادشاه جي سالياني فراري يا پاڄ (جنهن جو ذڪر تاريخن ۾ موجود آهي) انهيءَ وقت جو هڪ قديم آثار هئي، جڏهن بادشاهت شهزاديءَ جي هٿن سان گڏ ڪامياب جانباز يا جنگجو جوڌي کي هر سال بطور انعام ڏني ويندي هئي، ۽ جو ان کان پوءِ (هم آهنگ جاڏوءَ طور) پنهنجي راڻيءَ سان گڏ، ديوتا ۽ ديويءَ جو ڪردار ادا ڪندي "مقدس شاديءَ" جي رسم ملهائيندو هو، ته جيئن روءِ زمين جي آبادي ۽ ساوڪ جي ضمانت ۽ خاطري رهي. چنانچه جيڪڏهن آءٌ هن قياس ڪرڻ ۾ درست آهيان ته تمام قديم دور ۾ اوائلي لاطيني بادشاه ديوتا جو ڪردار ادا ڪندا هٿا ۽ انهيءَ حيثيت ۾ کين دستوري طرح قتل ڪيو ويندو هو، ته پوءِ اسان انهن جي زندگين جي پراسرار ۽ تشدد آميز پڄاڻين جي منطق کي زياده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمباڻيءَ سان سمجهي سگهون ٿا. جي اسان کي معلوم آهي تہ منجهائن اڪثر بادشاهن جي تقدير ۾ آيون هيون. اسان ڏٺو آهي تہ جهڪ روايت مطابق آلپا جي بادشاهن ۾ هڪ کي جيوپيٽر ديوتا جي گجگوڙ جي نقل ڪرڻ جي گستاخيءَ جي پاداش ۾ آسماني وڄ هٿان ڪرڻ سبب موت جو منهن ڏسڻو پيو. روميولس لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو ايٽينيس وانگر غائب ٿي ويو. يا ڪيس انهن اميرن لڪرا لڪرا ڪري چڏيو جن کي هن ناراض ڪيو هو. ۽ جولاءِ جي ستين تاريخ، جنهن تي هو هن فاني دنيا مان غائب ٿي ويو، هڪ تقريب جو ڏينهن هو. جا ڪن ڪالهين ۾ "سٽرنيليا"* واريءَ تقريب جهڙي هئي. جو تہ انهيءَ ڏينهن ڪنيزن کي ڪي عجيب و غريب آزاديون ڏنيون ويون هيون. ۽ اهي آزاد عورتن جا ڪپڙا پائي، خواتين ۽ بيگمن وانگر ملبوس ٿي، انهيءَ چمڙاپوش ۾ شهر کان باهر ويون هيون. ۽ رستي تي جيڪي ۽ سنڀن سامهون ٿئي آيا، تن تي هنن ٺٺوليون ۽ طعن و لعن ڪئي، ۽ ڀاڙ ۾ جهڙو فساد ڪري هڪئي کي پٿر ۽ ڏڪ هٿندين ڪئي ويون. پيو رومي بادشاه، جو تشدد آميز موت جو شڪار ٿيو هو، ٽائيس هو، جو روميولس جو فرقي-ڀائي هو. جيو وڄي ٿو تہ جڏهن هو "لئوپنيم" ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جي ديوتائن کي عام ماٺهن جي موجودگيءَ ۾ قرباني پيش ڪري رهيو هو، تڏهن ڪن ماٺهن، جن کي هن ناراض ڪيو هو، کيس قربانيءَ واري چرين ۽ لوهي سيخن سان، جيڪي انهن قربانگاهه تان زوريءَ کڻي ورتيون هيون، پورو ڪري چڏيو. هن جي موت جي موقعي، سرزمين ۽ نموني مان هي اندازو ڪڍي ٿو تہ انهيءَ ڪوس جو مقصد قرباني هو ۽ نہ قتل. نوما جي جانشين، ٽيولس هوسٽيليس، لاءِ وري عام طرح سان چيو ويندو آهي تہ کيس وڄ ماريو هو، ۽ گهڻن جو رايو هو تہ کيس اٽنڪس مارشيس

* رومين جو هڪ وڏو ڏڻ جو سٽرن يا رب‌النوع کيتي ۽ آبادي جي ديوتا جي اعزاز ۾ ڏسمبر کان سانده ست ڏينهن ملهايو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هشيءَ تي قتل ڪيو ويو هو، جيڪو ڪائنس پوءِ حڪومت جو ڏڻي بنيو. خود نوما جو ذڪر ڪندي، جنهن جو وجود تقريبا هڪ ڏند ڪٿائي وجود آهي، ۽ جو پوڄاري بادشاهن منجهان هڪ هو، پلوٽارچ چوي ٿو ته "سندس شهرت جانشين بادشاهن جي خوش‌قسمتيءَ سبب وڌي، چو ته جن پنجن هن ڪان پوءِ حڪومت ڪئي، تن مان پوئين ٻڪي تخت تان لاٿو ويو ۽ هن پنهنجا پويان ڏينهن جلاوطنيءَ ۾ گذاريا، ۽ باقي‌جيئن مان کو هڪ به فطرتي موت ڪونه مئو، چو ته انهن مان ٽن کي قتل ڪيو ويو ۽ ٽولس هوسٽيليس کي آسماني وڄ پورو ڪيو."

روسي بادشاهن جي قتل ٿي مرڻ جي انهن ڏند ڪٿائن مان هي اندازو ٿئي ٿو ته جنهن مقابلي ذريعي هو تخت حاصل ڪندا هئا، سو ڪن وقتن تي محض ڏوڙ هئن بدران کو ٻيو موتمار مقابلو هوندو هو. جيڪڏهن انهن هو ته پوءِ روم ۽ نيميءَ جي درميان اسان جيڪا مشابهت ثابت ڪئي آهي، سا اڃا به زياده قريبتر اچي ٿي ٿئي. پنهي جاين تي، مقدس بادشاه، جي ديوتائن جا جيئرا جاڳندا نمائندا هئا، اهڙيءَ طرح ڪنهن ۾همت ۽ وڏيڪ حوصلي رکندڙ ماڻهوءَ جي هٿان، جو انهيءَ مقدس عهدي لاءِ پنهنجي طاقتور بازوءَ ۽ تيز تلوار وسيلي پنهنجي "خدائي حق" ثابت ڪرڻ جي قابل هو، تخت نان محروم ٿي ۽ موت جو منهن ڏسي سگهيا ٿي. هن ۾ به ڪو عجب ڪونهي ته قديم لاطينين ۾ بادشاهيءَ جي دعويٰ جو فيصلو گهٽو ڪري دوبدو مقابلي ذريعي ڪيو ويندو هو، چو ته تاريخي دورن تائين امبريا جي علائقي وارا قبيلا پنهنجا خانگي جهيڙا باقاعدگيءَ سان مقابلي جي صورت ۾ ئي طي ڪندا هئا، ۽ جيڪو پنهنجي مخالف جي گردن ويڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، تنهن لاءِ سمجهيو ويندو هو ته هو پنهنجي حق کي مڪمل طور ثابت ڪري چڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پندرهون

شاه بلوط جي پوڄا

شاه بلوط جيڪو ڪ يا شاه بلوط جي ديوتا جي پوڄا جو رواج يورپ جي آريه نسل جي سيني قومن ۾ عام جام معلوم ٿئي ٿو. ٻيئي، يوناني ۽ اطالوي، انهيءَ ڪ کي پنهنجي وڏي ۾ وڏي ديوتا زيوس يا جيوپيٽر سان، جو آسمان، مينهن ۽ گجگوڙ جو ديوتا هو، وابسته ڄاڻندا هئا. يونان جو قديم ترين ۽ شايد سيني ڪان زياده مشهور آستانو ڊوڊونا وارو هو، جتي زيوس ديوتا جي پوڄا هڪ اهڙي شاه بلوط جي روپ ۾ ڪئي ويندي هئي، جنهن مان اڪثرين ۽ الهام جو ڪم ورتو ويندو هو. ڊوڊونا ۾ ٻئي سڄي يورپ ڪان وڌيڪ زوردار ۽ بار بار طوفان لڳندا رهندا آهن، اهي طوفان انهيءَ مقام کي اهڙي ديوتا جي قيام گاه لاءِ، جنهن جو آواز شاه بلوط جي ٻڻ جي سرسراهٽ ۽ آسماني گجگوڙ جي ڪائن ۾ برابر ٻڌڻ ۾ ايندو هو، وڏيڪ موزون بنائڻ جا ذميدار هئا. آستاني جي چوڪيدار جيڪي پتل جا گهنڊ هوا ۾ ٻڌن ٻڌن، جهڙو آواز ملائيندا رهندا هئا. شايد انهيءَ گجگوڙ جي آواز جي نقل ڪرڻ لاءِ لڳايا ويا هئا، جيڪو آسپاس جي سخت ۽ ويران جبلن جي خير آباد لاهيڻ تي، جي انهيءَ پيانڪ ماڻڙيءَ جي چوڪيداري ايا ٻڌا هئا، هيٺتناڪ لڪاءِ ۽ گاج ڪندي ٻڌڻ ۾ ايندو رهندو هو. اسان ڏٺو آهي ته بوئيشيا ۾ شاه بلوط جي ديوتا ڊيوي، زيوس ۽ هيرا جي مقدس شادي، اتان جون آسپاس واريون هم مذهب رياستون گڏجي وڏي ڏام ڏوم سان ملهائيندڙيون هيون. آرڪيڊيا ۾ لائڪائيس جبل تي زيوس جو ڪردار شاه بلوط ۽ مينهن جي ديوتا جي حيثيت ۾، سندس پوڄاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مينهن وسائڻ واري ڏوٽي مان، جنهن مطابق هو شاه بلوط جي ڪاري مقدس چشمي ۾ پوڙيندو هو، صاف طور ظاهر ٿئي ٿو. مينهن جي ديوتا جي حيثيت ۾، زيوس اهو ديوتا هو، جنهن کي يونانين مينهن لاءِ باقاعدي پاڻائيندا هئا. ۽ اها بلڪل هڪ فطرتي ڳالهه هئي، ڇو ته گهڻو ڪري، جيتوڻيڪ هميشه نه، هن جو آستانو انهن جبلن تي هوندو هو، جتي ڪڪر ڪٺا ٿيندا آهن ۽ شاه بلوط جا وڻ اپرندا آهن. ائينس جي قلعي ۾ هڪ اهڙو مجسمو رکيل هو، جنهن ۾ ڊيڪازيل کي ته ڏرتي، زيوس ديوتا کان مينهن جي خيرات پٽي گهري، ۽ خشڪسالي جي موسم ۾ ائينس وارا بذات خود هي پرارٿنا ڪندا هئا: "مينهن وساءِ، مينهن وساءِ- اي پيارا زيوس، ائينس وارن جي اناج واري ٻنين ۽ ميدانن تي مينهن وساءِ!"

زيوس ديوتا گجگوڙ وچ ۾ مينهن تي پهنجي فرمانروائي هلائيندو هو. اولمپيا ۾ ٻين هنڌن تي ان جي "آسماني-گولو" جي ٽالي سان پوڄا ڪئي ويندي هئي. ائينس ۾ شهر پناه ٻڌل روچ جي ديوتا، زيوس جي ٽالي ۾ قرباني جو چلهو ٺهيل هو، جتي ڪي مها-پوجاري ويهي سال جي ڪن موسمن ۾ پارنس جبل جي چوٽي ڪان وچ جو انتظار ڪندا هئا. ان ڪان علاوه جتي جتي وچ ڪرندي هئي ۽ ان جي ڀرسان جيڪو زمين ٽڪر سڙندو هو، آتي يونانين چوڌاري باقاعدي لوڙها ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ اهي ٽڪرا، "نزول ٿيل زيوس" جي ٽالي ۾ يعني انهيءَ ديوتا جي ٽالي ۾ جيڪو وچ سان آسمان کان هيٺ آيو، مقدس سمجهيا ويندا هئا. اهڙن لوڙهن جي وچ ۾ قربانگاهه تعمير ڪيا ويندا هئا، جن تي قربانيون ڏنيون وينديون هيون. قديم تحريرن ۾ ڪيترن سان ائينس ۾ اهڙين متعدد جاين جي وجود جو پتو پوي ٿو.

چنانچه جڏهن قديم يوناني بادشاه زيوس ديوتا جي نسل مان هئڻ جي دعويٰ ڪندا هئا، ۽ ان جي ٽالي سان ۾ سڏبا هئا، تہ هو پنهنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جي ڀلائيءَ يا دشمنن جي ضرر ۽ دهشت زدگيءَ لاءِ مينهن وسائڻ ۽ گجگوڙ ڪرڻ جا ديوتائي فرض ۽ پورا ڪندا هئا. ان باري ۾ "سالمونيس" جي روايت شايد انهيءَ قسم جي ننڍڙن ننڍڙن بادشاهن جي سڄي طبقي جي ڏهوائن جو عڪس پيش ڪري ٿي، جي پراڻي زماني ۾ يونان جي مٿانهن پٽن تي، جي سڄا شاه بلوط جي وڻن سان ڇانيا پيا هوندا هئا، پنهنجين پنهنجين مختصر اراضين تي بادشاهي ڪندا هئا.

سندن هر نسل آئرش بادشاهن وانگر، هنن ۾ به ڏرتيءَ کي ۽ جانورن کي سائي ڪرڻ جون اميدون رکيون ويندڙ هيون. اهي اميدون هو پنهنجي وڏي مائٽ، زيوس ديوتا، جي ڪردار ادا ڪرڻ کان سواءِ، جو شاه بلوط گجگوڙ ۽ مينهن جو عظيم ديوتا هو، ٻي ڪهڙي نموني پوريون ڪري ٿي سگهيا؟ ظاهر آهي ته هو پاڻ کي بلڪل اهڙيءَ طرح ان جي شخصيت جو روپ سمجهندا هئا، جهڙيءَ طرح اطالوي بادشاه جيوپيٽر جي باري ۾ پاڻ کي سمجهندا هئا.

اڳليءَ ۾ هرهڪ شاه بلوط جو وڻ جيوپيٽر ديوتا جي نالي ۾ ۽ جو زيوس ديوتا، جو اطالوي نعم‌البدل هو، مقدس هوندو هو ۽ روم ۾ ڪيپيٽال ٽڪريءَ تي انهيءَ ديوتا جي، نه فقط شاه بلوط جي ديوتا جي حيثيت ۾، پر ساڳئي وقت مينهن ۽ گجگوڙ جي ديوتا جي حيثيت ۾ به پوڄا ڪئي ويندي هئي. پراڻن زمانن جي نيڪ اعتقاديءَ ۽ پوين دورن جي بي اعتقاديءَ جو مقابلو ڪندي، جڏهن جنت کي ڪو به جنت نه سمجهندو هو ۽ جيوپيٽر ڏانهن ڪو اک ڪٽي نه نهارينڊو هو، هڪ رومي مصنف لکي ٿو ته قديم زماني ۾ معزز عورتون پيرين اگهاڙيون، وار چوڙي ۽ دليون پاڪ صاف ڪري، ڪيپيٽال جي ڏاڪڻين چاڙهين تان مٿي چڙهنديون ۽ جيوپيٽر کان مينهن لاءِ دعا ٻنديون هيون. ۽ هو چوي ٿو ته ٻوءِ اتي جو اتي هڪدم آسمان مان مينهن جا تار وهڻ شروع ٿيندا هئا ۽ هرڪوئي پاڻيءَ ۾ پسيل ڪٽ وانگر مينهن کاڙيندو گهر واپس ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. "۽ اڄ ڪلهه" هو وڏي افسوس سان چوي ٿو. "اسين مذهبي عقيدن کان گهڻو پري هٽي چڪا آهيون ۽ اسان ۾ ايمان نه رهيو آهي. ان ڪري اڄ زمينون اسٽ ۾ ڪچنديون رهن ٿيون."

جنوبي يورپ کان مٿيرو وچ يورپ ۾ جڏهن اچون ٿا تہ اتي به اسان کي وحشي آريه قومن ۾ جي آڻان جي قديم اڳاهه پيلن ۾ رهندڙن هيون. شاه بلوط مينهن ۽ ڪجگوڙ جو عظيم ديوتا ملي ٿو. چنانچہ گال علائقي جي سيلٽ نسل وارن جي دريسوئڊ قبيلي وارن ۾ شاه بلوط ۽ وڻ-ويڑهي کان سواءِ جا ان جي مٿان اپرندي هٽي. پي ڪنهن به شيءِ کي ايتريقدر مقدس ڪونہ سمجهيو ويندو هو. پنهنجين سنجيده قسم جي سيني رسمن جي ادائگيءَ لاءِ هر شاه بلوط جي وڻ جا جهڳٽا منتخب ڪندا هٿا ۽ ڪاڌ رسم شاهہ بلوط جي ٻڻ جي استعمال کان سواءِ ادا ڪائہ ڪندا هٿا. هڪ يوناني مصنف چوي ٿو تہ "سيلٽ نسل وارا زيوس جي پوڄا ڪن ٿا ۽ زيوس جي صورت سيلٽ نسل وارن وٽ هڪ ڊگهي شاه بلوط جي وڻ کان سواءِ ٻي ڪاڌ ڪانهي." معلوم ٿئي ٿو سيلٽ نسل جا فاتح، جن اسان جي زماني کان ڪي صديون اڳ ايشيا ۾ وڃي ٻيڪون وڏيون هيون، سي شاه بلوط جي پوڄا پاڻ سان گڏ پنهنجي نئين وطن ڈانهن کڻي ويا هٿا. چوتہ ايشيا مائنر جي عين وچ ۾ "گليشيا جي: چوڪاري" اهڙيءَ جاءِ تي گڏ ٿيندي هٽي. جنهن تي خالص سيلٽ هوليءَ جو نالو. دراٽيمينم. يعني "شاه بلوط جي مقدس هڙي" يا "شاه بلوط جو مندر" ٻڌل هو. درحقيقت. مستند ڄاڻن جي خيال ۾ دريسوئڊ قوم جي نالي جي معنيٰ ئي "شاه بلوط جا ماڻهو" آهي.

قديم جرمن نسل وارن جي مذهب ۾ مقدس هڙين جي پوڄا کي وڏي اهميت حاصل هٽي. ۽ "گيزم" جي چوڻ مطابق، سندن مقدس وڻن مان سڀ کان شاه بلوط جو وڻ هو. معلوم ٿئي ٿو تہ اهو وڻ خاص طرح ڪجگوڙ جي ديوتا "دوناز" يا "ٿوناز" جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اريا ٽبل هو، جو ناوس نسل وارن جي "ٿور" ديوتا جو نعم البدل هو، چو ته هيس جي علائقي ۾، گيسمار جي نزديڪ هڪ مقدس شاه بلوط ٻيلو هو، جنهن کي "بونيفيس" الين صدي ۾ وڌائي ڇڏيو، جنهن جو نالو اوائلي بت پرستن وٽ "جيوپيٽر جيو شاه بلوط" ("روبر جووس") هو ۽ جنهن کي قديم جرمن بولي ۾ "ڊونيرس ايڪ" يا "ڊونار جو شاه بلوط" چئبو. جرمن نسل وارن جي گجگوڙ واري ديوتا، ٿونار، ڊونار يا ٿور ديوتا کي الي جي گجگوڙ واري ديوتا جيوپيٽر سان سڃاڻت ڪيو ويندو هو، سا گاله اسان جي لفظ "ٿرسڊي" (خميس جو ڏينهن) ۾ ان، جنهن جو مطلب "ٿونارس ڊي" (ٿونار جو ڏينهن) آهي، صاف ظاهر آهي، جو لاطيني بولي جي "ڊائيز جووس" (جووس جو ڏينهن) لفظ جو محض ترجمو آهي. چنانچ قديم جرمن نسل وارن وٽ ۽، يونانين ۽ رومين وانگر، شاه بلوط جو ديوتا گجگوڙ جو ديوتا پڻ هو. ازانسواءِ ان کي هڪ زبردست آباد ڪندڙ قوت ۽ سمجهيو ويندو هو، جو مينهن موڪلي ڌرتي کي قلدار بڻائيندو هو، چو ته "بريمين وارو ائدم" اسان کي ٻڌائي ٿو ته "ٿور جي گادي هوا تي آهي، اهوئي آهي جو گجگوڙ ۽ وڄ، هوا ۽ مينهن، خوشگوار موسم ۽ فصلن تي حڪومت هلائي ٿو." انهن گالهين ۾ ان ڪري جرمن نسل وارن جو گجگوڙ وارو ديوتا وري ۽ پنهنجن جنوبي نعم البدل ديوتائن، زيوس ۽ جيوپيٽر، سان مشابهت کائي ٿو.

سيلٽو نسل وارن ۾ ۽ شاه بلوط جو وڻ گجگوڙ جي ديوتا، پيرون، جو مقدس وڻ معلوم ٿئي ٿو، جو زيوس ۽ جيوپيٽر جو نعم البدل هو. چو وڃي ٿو ته نووگورود وٽ پيرون ديوتا جو هڪ مجسمو ٻيلل هو، جو هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي صورت ۾ هو، جنهن کي "گجگوڙ جو گولو" هٿ ۾ هو. ان جي اعزاز ۾ شاه بلوط جي ڪاٺين جي باه رات ڏينهن ٻاري برندي هئي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن ۽ وقت اها وسامي ويندي هئي، ته اتان جي خادمن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ غفلت لاءِ پنهنجي سر جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي.
زيوس ۽ جيوپيٽر وانگر پيرون ۽ پنهنجن ماڻهن جو مڪي ديوتا
معلوم ٿئي ٿو، ڇو ته "پروڪوپيس" چوي ٿو ته سيلٽو نسل وارا
"هن اعتقاد جا آهن ته هڪ ديوتا، جو وڃ جو پنائيندڙ آهي،
تنها سيني شين جو مالڪ آهي، ۽ اهي ان جي حضور ۾ ڏڪا ۽
پيو هرقسم جو شڪار قربان ڪندا آهن."

لٽائيا وارن جو مڪي ديوتا "پرڪوناس" يا "پرڪنس"
هو، جوگجگوڙ ۽ وڃ جو ديوتا هو ۽ جنهن جي زيوس ۽ جيوپيٽر
سان مشابهت ڏانهن اڪثر ڏيان ڇڪايو ويو آهي. شاهه بلوط جا
وڻ هن لاءِ مقدس هئا، ۽ جڏهن عيسائي مبلغن انهن کي وڍايو،
تڏهن اتان جي ماڻهن وڏي واويلا مچائي ته سندن ٻيلن جا ديوتا
ناس ڪيا ويا. پرڪوناس جي اعزاز ۾ شاهه بلوط جي ڪن
خاص وڻن جي ڪاٽ مان دائمي باهيون ٻاريون ويندڙيون هيون،
جيڪڏهن اهڙي ڪا باه وسامي ويندي هئي، ته اها مقدس ڪاٽ
کي هڪٻئي سان گسائي ٻيهر ٻاري ويندي هئي. مرد ٻلن فصلن
لاءِ شاهه بلوط جي وڻن اڳيان قربانيون ڏيندا هئا ۽ زالون ساڳئي
مقصد لاءِ ليمن جي وڻن اڳيان، جنهن مان اسان هي نتيجو ڪڍي
سگهون ٿا ته اهي ماڻهو شاهه بلوط کي نر ۽ ليمن جي وڻ کي مادي
سمجهندا هئا. خشڪسالي جي موسم ۾، جڏهن کين مينهن جي
سخت ضرورت هوندي هئي، تڏهن هو ٻيلن جي گهاٽن جهنگن ۾
وڃي ڪارو گابو، ڪارو ٻڪر ۽ ڪارو ڪڙ گجگوڙ جي ديوتا
جي ناليءَ ۾ قربان ڪندا هئا. اهڙن موقعن تي آسپاس جي علائقن
مان ماڻهو اڇي جمع ٿيندا هئا، ڪائيندا، پيئندا ۽ پرڪوناس کي
پڪاريندا هئا. هو بيئر (شراب) جي صراحي ڪٽي، ڪي پيرا باه
جي چوڌاري ڇڪر ڏيئي، بيئر باه جي شعلن مٿان پيٽيندا هئا، ۽
ساڳئي وقت ديوتا کي مينهن موڪلڻ لاءِ ٻاڌائيندا هئا. چنانچه
لٽائيا جو هيءَ وڏو ديوتا زيوس ۽ جيوپيٽر سان قريبي مشابهت رکي
ٿو، ڇو ته اهو پڻ گجگوڙ، شاهه بلوط ۽ وڃ جو ديوتا هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثين جائزي سان معلوم ٿئي ٿو تہ يورپ جي آريا نسل جي سڀني قومن ۾ قديم زماني ۾ شاه بلوط کي ڪجڪوڙ ۽ وڄ جي ديوتا جي حيثيت ۾ پوڄيو ويندو هو ۽ درحقيقت اهو سندن مندرن جو وڏي ۾ وڏو ديوتا هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سورهون

ڊائنس ۽ ڊائنا

سنهنجي راءِ آهي ته هن حد تائين انسان جي تفتيش انسان کي جن نتيجن تي پهچايو آهي تن تي هن باب ۾ هڪ دفعو طائراڻي نظر وجهون ۽ روشنائيءَ جي منتشر شعاعن کي هڪ هنڌ مرکوز ڪري انهن کي نيمي پيلي جي پوچاريءَ جي سياه صورت ڏانهن موڙيون، تان ته اها ڪي قدر جنّيءَ طرح ڏسي سگهجي.

انسان کي معلوم ٿي چڪو آهي ته معاشري جي اوائلي دور ۾ ماڻهن، قدرت جي پوشيده ڪارفرمائين کان بيخبر رهي ۽ ان ڪالهه کي وساري ته انهن ۾ انسان جي ضابطي ۽ اختيار جو دائرو ڪيترو نه محدود ۽ تنگ رهي ٿو، قدرت جي ڪارخاني کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائڻ جا ايڏا اختيار ۽ اهڙا قرائن ولي پاڻ ڏانهن منسوب ڪيا. جن کي، انساني علم جي موجوده حالت ۾، اسين فوق البشري، ديوتائي يا خدائي سمجهون ٿا. سندن انهيءَ غلط‌فهميءَ کي انهن ئي سببن ڪري تقويت ملندي رهي ۽ انهن سببن جي ڪري ئي اها قائم رهندي آئي. جن سببن جي ڪري اها پهريائين پيدا ٿي ۽ اهي سبب هي هئا: انتهائي حيرت انگيز تنظيم ۽ باقاعدگي، جنهن سان فطرت پنهنجون سرگرميون قائم رکي ٿي ۽ جنهن سان ان جي هن عظيم ۽ الٽاه مشين جا ٽيئا بي روڪ ٽوڪ ۽ بلڪل پوري نموني سان هلندا رهن ٿا. جي هڪ تحمل ۽ اوچ مبصر کي پوريءَ ساعت جو نه، ته گهڻ کان گهٽ موسم جو اڳواٽ اندازو لڳائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ۽ ائين ڪيس پنهنجي اميدن جي تڪميل يا خدشن ۽ انديشن جي پورائيءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي "اختيار ۽ علم" جو احساس ٿئي ٿو، انهيءَ عظيم چڪر يا چڪرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سلسلي جا باقاعدي ۽ بار بار وقوع پذير ٿيندڙ واقعا جلد ئي هڪ وحشيءَ جي موڪي دل و دماغ تي نقش ٿيڻ بعد ڪنهن ٻئي ڏينهن ۽ هو انهن کي اکوڙ ئي ڏسي سگهي ٿو، ۽ انهن کي اهڙيءَ طرح ڏسندي، منجهائن جيڪي مفيد ۽ پسنديده ڪيفيت جا آهن، تن کي پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش مطابق وقوع پذير ٿيندڙ سمجهي ٿو، ۽ جيڪي اڻ وٺندڙ ۽ نقصانڪار نتيجن جا حامل آهن، تن کي پنهنجن دشمنن جي ارادي جو اثر سمجهي ٿو. چنانچه جن ڪنن قبيلن جي هن بي پايان ۽ عظيم پسين کي حرڪت ۾ آندو ۽ جي اهڙن جي دسترس کان ٻاهر راز جي اهڙي پردي پٺيان پوشيده آهن، جن کي اسين نڪڙهن ۽ چاڪ ڪرڻ جي اميد نه ٿا رکي رکي سگهون، آهي هڪ بيخبر ۽ سادو دماغ انسان کي ائين نظر اچن ٿيون، جن ٿيا اهي سندن مٿ ۾ آهن، هو ائين سمجهي ٿو ته هو انهن کي ڇهي جادوءَ جي هنر سان اهڙي نموني هلائي سگهي ٿو، جو سڀ ڪجهه ڪائون پاڻ ڏانهن آڻي ۽ سڀ برائيون دشمن ڏانهن اماڻي سگهي ٿو. ائين ٿيندي ٿيندي، ڪافي وقت گذرڻ بعد نيٺ سندس انهيءَ اعتقاد جي غلطي مڪمل عيان ٿئي ٿي ۽ هو معلوم ڪرڻ ولي ٿو ته ڪي اهڙيون ڪائنات جون برآهن جيڪي هو نه ٿو ڪري سگهي، ڪي اهڙيون خوشيون آهن جي هو پنهنجي خود حاصل ڪرڻ کان قاصر آهي، ۽ ڪي اهڙا ڏکڻ درد ۽ آپدائون به آهن جن کي هڪ زبردست کان زبردست ۽ طاقتور کان طاقتور جادوگر به ٽاري نه ٿو سگهي. هو اهڙين ناقابل حصول ڪائنات برائين کي، ڪن مخفي طاقتن ڏانهن منسوب ڪري ٿو، جن جي رضامندي هن لاءِ پوءِ خوشيءَ ۽ زندگيءَ جو سبب بنجي وڃي ٿي، ۽ انهن جي ناراضگيءَ مصيبت ۽ موت جو. چنانچه جادوءَ جي جاءِ مذهب اچي والاري ٿو ۽ پوجاري، جادوگر کي پنهنجيءَ مسند تان ڏڻي، پاڻ ان تي براجمان ٿي ويهي رهي ٿو. خيال جي انهيءَ منزل تي پهچي شين جا اصلي اسباب کي متعدد ۽ متضاد خصلتن واريون شخصي هستيون سمجهيون وڃن ٿيون، جن ۾ جي فطرت انساني فطرت جهڙي تصور ڪئي وڃي ٿي، ۽ جن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي اوڻاين، جهڙيون ئي ڪمزوريون ۽ اوڻايون موجود سمجهيون وڃن ٿيون، جيتوڻيڪ انهن جي طاقت انساني طاقت کان زياده آهي ۽ سندن زندگي انسان جي هن فاني حياتيءَ جي دائري کان ٻاهر، علحده ۽ ٻاهر آهي. انهن جون لاتعداد انفرادي شخصيتون ۽ خصوصي ڪردار اڄا فلسفي جي موشگافين ۽ فڪري تيش بازين جي اڻ هيٺ اچي ٻهنجي پهنجي شناخت وڃائي ڪونه ويٺا آهن، جو انهن سڀني جي مشترڪ ۽ بنيادي اوصافن کي ساورائي حيثيت ڏيئي، انساني ذهن ان ڪثرت مان ڪا وحدت پيدا ڪري سگهي ۽ پنهنجي پنهنجي تصوراتي صلاحيت پٽاندر ان واحد ڪرشمي کي انهن عظيم تالن مان پٽهنجي پنهنجي پسند جو ڪو نالو ڏيئي سگهي، جن تالن کي ويچاري ماڻهوءَ نيٽ ٻڌهنجي لاعلميءَ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کي لڪائڻ لاءِ ئي ايجاد ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح جيستائين ماڻهو پنهنجن ديوتائن کي پاڻ سان مشابهت رکندڙ هستيون سمجهي ٿو ۽ انهن کي اهڙيءَ منزل تي پهتل نه ٿو سمجهي، جا سندن پنهنجي پهچ کان ٻاهر بالاتر هجي، تيستائين هو پنهنجن ماڻهن مان اهڙن لاءِ، جي پين کان ڪجهه بالاتر ۽ پين تي ڪا فوقيت رکندڙ هوندا آهن، هيءَ اعتقاد رکي ٿو ته انهن لاءِ، موت کان پوءِ يا هين ئي زندگيءَ ۾، ديوتائن جي صف ۾ شمار ٿيڻ ممڪن آهي. هن قسم جي اهڙن انسان ديوتائن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اهي جادوءَ جي زماني ۽ مذهب جي زماني جي وچ جي ڪڙي آهن. جيتوڻيڪ سڀني ديوتائن جا نالا رکيا ويا آهن ۽ هو ديوتائي شان و شوڪت جي نمائش ڪن ٿا، ته به سندن طاقتون، جن لاءِ عام طرح سمجهيو وڃي ٿو ته هو هلائيندا ٿا، سي اهي ئي آهن، جيڪي سندن پيشرو جادوگر، جن هوندي هيون، جادوگر وانگر، هنن ۾ به اها اميد رکي وڃي ٿي ته اهي پنهنجن ماڻهن کي مخالف جادو جنترڪان بچائيندا، بيماريءَ ۾ شفا ڏيندا، اولاد سان نوازيندا ۽ آب و هوا کي موافق بڻائي، کين جهجهي خوراڪ مهيا ڪندا، ۽ پيون اهڙيون رسمون ادا ڪندا، جي ڏرتيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آبادي۽ ۽ جانورن جي نسل ۽ واڌاري آڻڻ لاءِ ضروري سمجهيون ويندیون آهن. اهڙا ماڻهو، جن سان اهڙيون اعليٰ ۽ دور رس طاقتون وابسته ڪيون ويندیون آهن، فطرتي طور پنهنجي ملڪ ۽ اعليٰ ترين منصبن جا مالڪ هوندا آهن. ۽ جيسين روحاني ۽ دنيوي معاملا هڪجهڙي کان چڱي ايترو الڳ الڳ ڪونه ٿيا آهن، تيسين هو ملڪي ۽ مذهبي معاملن ۾ وڏي ۽ وڏي اهميت ۽ اختياري رکن ٿا: مختصر طور، اهي هڪ ئي وقت بادشاه ۽ آهن ۽ ديوتائون ۽ آهن. چنانچ بادشاهن جي وجود جي چوڌاري جيڪو ديوتائي تصور ۽ شان موجود سمجهيو ويندو هو ۽ ويندو آهي، تنهن جون ڪاڙون انساني تاريخ ۾ تمام اونهيون ڪتل آهن، ۽ فطرت ۽ انسان جي متعلق معقول ۽ زياده مڪمل نظريو جيستائين انهن ڪاڙن جو رس چوسي انهن کي ڪوڪلو ۽ بيڪار بڻائي، تيستائين طويل صدين جي گذرڻ جي ضرورت آهي.

يوناني ۽ لاطيني تهذيبن جي ڪلاسيڪي قديم زماني ۾ ستڻ بادشاهن جي حڪومت جو دور هڪ پراڻو قصو بنجي چڪو هو. انهن جي باوجود بادشاهن جي نسل، لقبن ۽ دعوائن جي ڪالهين سان هي ۽ چيز ثابت ٿئي ٿي ته اهي پاڻ خدائي حق جي تحت حڪومت ڪرڻ ۽ فوق البشر طاقتن هلائڻ جي دعويٰ ڪندا هئا. چنانچ اسين ڏسون ٿا ته انهن غيرواجبي هڪ جي هي ۽ قياس قائم ڪري سگهون ٿا ته تيمي ۽ جي پيلي وارو بادشاه جنهن جي شان وشوڪت کي زماني پٺي ڪوهي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو ۽ جو ان وقت ڪمبختي ۽ جي ڏکئي دور مان گذري رهيو هو، مقدس بادشاهن جي هڪ طويل خاندان جو نمائندو هو، جن پنهنجي ۽ رعايا کان نه فقط نيڙت ۽ نياز جو نذرانو حاصل ڪيو هو، پر انهن لاتعداد برڪتن جي عيوضي ۾، جن جي اهي هر خاص و عام تي بارش ڪندا هئا. انهن پنهنجن معتقدن کان خدا بنجي پنهنجي پوجا ۾ ڪرائي هئي. ائريشيا واري ۽ هڙي ۽ ۾ دائنا جي مقدس فرض متعلق اسان کي جيڪا ڏوري گهڻي ڄاڻ حاصل آهي، تنهن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابت ٿئي ٿو تہ ان کي ان جاءَ تي آبادي۽ ۽ خاص طور ہارن جي نعمت سان نوازيندڙ ديوي ڪري مڃيو ويندو ھو. ان ڪري ھن انداز ۾ ڪرڻ ۾ اسين حق بجانب آھيون تہ اھڙن اھم فرض جي ادائگي۽ ۾ ھن کي سندس پوڄاري مدد ڪندو ھو ۽ ٻي ڇڙ مقدس شادي۽ جي صورت ۾ ٻيلي جي بادشاہ ۽ راڻي۽ جا ڪردار ادا ڪندا ھئا، جنھن جو مقصد زمين کي موسم بھار جي رنگين گلن سان سينگارڻ ۽ خزان جي ڏُلن سان پرڻ ۽ مردن ۽ عورتن کي تندرست ۽ تنومند اولاد سان نوازي سندن دلين کي بھار بھار ڪرڻ جو ھو.

ٻلا جيڪڏھن نيمي ٻيلي جو پوڄاري نہ فقط بادشاہ جو پر ھڙي۽ جي ديوتا جو ۾ ڪردار ادا ڪندو ھو، تہ پوءِ ۾ اسان کي ھڪ ھي سوال ڇڙ باقي آھي تہ ھو خاص طرح ڪھڙي ديوتا جي نمائندگي ڪندو ھو؟ قديم زماني وارن جو جواب اھو آھي تہ ھو ڏائنا ديوي۽ جي عاشق ۽ رفيق حيات، وريئس، جو نمائندو ھو. پر اھا ڳالھ اسان جي ڪا خاص رھبري ڳالھ ٿي ڪري، چو تہ وريئس جي ناليڪان سواءِ اسان کي ان جي متعلق وڌيڪ ٻي ڪا خبر چار ڪانھي. ھڙي۽ ۾ جيڪا ويسٽا ديوي۽ جي ٻاھ پرندي ھئي، تنھن سان ھن راز جو ڪجھ سراغ ملي ٿو. چو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ يورپ ۾ آريہ نسل وارن جون دائمي ٻاھيون گھٽو ڪري رواجي طرح شاہ بلوط جي ڪاٺين سان ٻاريون ۽ قائم رکيون ويندیون ھيون، ۽ خود روم ۾، جو نيمي۽ کان گھٽو دور ڪونہ ھو، ويسٽا ديوي۽ جي ٻاھ شاہ بلوط جي سنھين ڪاٺين ۽ بندن سان ٻاري ويندي ھئي، جيئن ويسٽا ديوي۽ جي ٻاھ جي باقي ٻچيل اڏورن سڙيل ڪاندن (جيڪي "جي بوني۽" اٽويھين صدي۽ جي آخر ۾ رومي فورم جي کوٽاين سان دستياب ڪيا ھئا) جي خوردبيني۽ سان ڪيل چڪاس جي نتيجن سان ثابت ٿيو آھي. پر مختلف لاطيني شھرن ۾ جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندیون ھيون، تن ۾ ھڪ عظيم يڪجھتي معلوم ٿئي ٿي، ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بجا طور هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته لاطيني علائقي ۾ جتي ۽ ويسٽا ديوي ۽ جي ٻاهه ٻاري ويندي هئي، تنهن ۽ روم وانگر، مقدس شاه بلوط جون ڪاٺيون ٻارڻ ويندڙن هيون. جيڪڏهن ٽيمي ۽ ۾ ائين هو، ته پوءِ هي ۽ ڳالهه امڪان جي حد ۽ آهي ته اهو مقدس ٻيلو شاه بلوط جي وڻن جو قدرتي ٻيلو هو، ۽ انڪري جنهن وڻ جي ٻيلي جو بادشاه پنهنجي ۽ جان سان حفاظت ڪندو هو، سو خود ۽ هڪ شاه بلوط جو وڻ هو. درحقيقت "ورجل" جي چوڻ مطابق، اهو هڪ ڏاڙهو شاه بلوط جو وڻ ئي هو، جنهن مان ايٽينس سونهري ڏاري پٽي هئي. هاڻي، شاه بلوط لاطيني ديوتائن جي سرتاج جيوپيٽر ديوتا جو مقدس وڻ هو، ان ڪري هي نتيجو لازمي طور نڪري ٿو ته ٻيلي جو بادشاه، جنهن جي زندگي هڪ نموني شاه بلوط سان وابسته هئي، ئي ڪنهن اڊنيل ديوتا جي نه، پر خود جيوپيٽر جي پنهنجي شخصيت جو ترجمان ۽ حامل هو. ڪم ازڪم جيڪي شهادتون ملين آهن، سي جيتوڻيڪ ٿوريون آهن، ته به اهي انهيءَ ئي نتيجي ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن. آلبا جي قديم سلوائي يا ٻيلائي خاندان وارا شاه بلوط جو تاج پهري ظاهري طرح لاطيني جيوپيٽر جي (جيڪو آلبن جبل جي چوٽيءَ تي رهندو هو) طور طريقي ۽ طاقتن جو نقل ۽ استعمال ڪندا هئا. اهو ناممڪن آهي ته ٻيلي جو بادشاه، جو جبل جي چوٽيءَ ڪان ٿوروئي هيٺ مقدس شاه بلوط جي حفاظت ڪندو هو، انهن سلوائي يا ٻيلائين جي قديم خاندان جو قانوني وارث ۽ نمائندو هو. بهرحال جيڪڏهن آءٌ هن قياس ڪرڻ ۾ صحيح آهيان ته هن کي جيوپيٽر ديوتا جي انساني صورت تصور ڪيو ويندو هو، ته پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته ورجيس، جنهن سان ڏند ڪٿا ان کي شناخت ڪري ٿي، جيوپيٽر ديوتا جي ممڪني صورت کان سواءِ، جنهن ۾ شايد ان کي پنهنجي اصلي صورت وارو سڀ ٻيلي جو ديوتا سمجهيو ويندو هو، ٻيو ڪجهه نه ڪوڙ هو. ڪم از ڪم پوين دورن ۾ ٻيلي جو بادشاه شاه بلوط جي ديوتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيوپيٽر جو ڪردار ادا ڪندو هو ـ انهيءَ قياس جي سنڊس رفيقهٔ حيات، ڊائنا، جي چڪاس مان تصديق ٿئي ٿي؛ چوٿين قسمن جا جداگانه دليل گڏجي هيءَ ڳالهه ثابت ڪن ٿا ته جيڪڏهن ڊائنا عام طور "ٻلن جي راڻي" هئي، ته نيميءَ ۾ خاص طور هوءَ "شاه بلوط جي ديوي" هئي. پهرينءَ صورت ۾ ڪيس "ويسٽا" جو خطاب ملي ها، جنهنڪري انهيءَ حيثيت ۾ هوءَ "دائمي باه" جي مالڪياڻي ۽ رکوالي هئي، جنهن جي متعلق هن يقين ڪرڻ لاءِ اسان کي سبب ملي آهي ته ان ۾ شاه بلوط جون ڪائيون پارين ويندين هيون. ۽ باه جي ديوي، جيڪي جلائو ڪاليون ان باه ۾ ٻرن ٿيون، انهن کان ڪا گهٽي دور ڪانهي؛ اوائلي خيال مطابق شايد شعلي ۽ انهيءَ ڪاٺ جي درميان جو شعلا پيدا ڪري ٿو، ڪو خاص فرق ڪونه هو. ٻيءَ صورت ۾، نيميءَ واري ايگيريا ٻري محض ڊائناديويءَ جو هڪ ٻيو روپ معلوم ٿئي ٿي، ۽ ايگيريا لاءِ خاطريءَ سان چيو ويو آهي ته اها هڪ "ڊرائڊ" يعني شاه بلوط جي هڪ پري هئي. الليءَ ۾ ڪن ٻين جاين تي هن ديويءَ جو گهر شاه بلوط سان ڇانيل جبلن تي هو. چنانچه آلگيڊس جبل، جو آلبن ٽڪرين جي هڪ شاخ آهي، قديم دور ۾ شاه بلوط جي سياه ٻيلن سان ڇانيل هوندو هو، جنهن ۾ ٻنهي قسمن جا، سدا ساوا ۽ مند تي ساوا ٽيندڙ، وڻ موجود هئا. سياري ۾، انهن ٽڏين ٽڪرين تي برف ديرتائين ٻيٺي هوندي هئي، ۽ اتان جي شاه بلوط جي ويران ٻيلن کي آڻين ٿي ڊائناديويءَ جو دلپسند آستانو سمجهيو ويندو هو، جيڪو جديد زماني ۾ انهن کي ڏاڙيلن ۽ رهزنن جا آستانا سمجهيو ٻڌي ويو آهي. هوڏانهن وري انهيئائين جبلن جي هڪ ڍڪ ۾ اوچتي اپرندڙ چوٽي، جنهن کي ٽفاٽا جبل سڏيو ويندو آهي، جو ڪاپوئا جي پنيان ڪئمپانيا جي ميدانن تي محافظ جي صورت ۾ نهارينڊو رهي ٿو، قديم دور ۾ سجو سدا ساون شاه بلوطن سان ڇانيل هو، جن ۾ ڊائناديويءَ جو هڪ مندر ٻڌل هو. اها ئي جاءِ هئي، جتي "سبولا" ۽ هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميدان ۾ "ميرين" قوم وارن کي شڪست ڏيڻ جي خوشيءَ ۾ ديويءَ جي شڪرگذاري ادا ڪئي هئي. ۽ هن پٿهنجي ان احسان شناسيءَ جي تصديق طور اها گالهه پڻ ان کرائي ڇڏي هئي جا گهڻي زماني گذرڻ بعد به مندر ۾ ڏسي سگهبي هئي. بهرحال مختصر لفظن ۾، اسين هي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته نيميءَ ۾ ٻيلي جو بادشاه جوپيٽر ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هو. ۽ شاه بلوط جي ديويءَ ڊائنا، سان انهيءَ مقدس هڙيءَ ۾ هم صحبت ٿيندو هو. انهن جي پراسرار وصل جو ڏورانهون پڙاڏو اسان جي ڪنن تائين نوما بادشاه ۽ ايگيريا پريءَ جي محبت جي صورت ۾ ٻڌو آهي. جن جي محبت ونڊڻ جو مقام، ڪن روايتن مطابق، انهن ئي مقدس ٻيلن ۾ هو.

هن نظريي جي متعلق هڪ هيءَ اعتراض فطرتي طور اڀي سگهي ٿو ته جوپيٽر جي رفيقهٔ حيات ڊائنا نه پر جيونو ديوي هئي. ۽ جيڪڏهن ڊائنا جو ڪوئي به نر ساٿي هو ته پوءِ اها اميد رکي سگهجي ٿي ته ان جو نالو جوپيٽر نه پر ڊائنس يا جانس هوندو. جن مان پويون نالو پهرئين جو محض هڪ بگڙيل نمونو آهي. اهو سڀڪجهه درست آهي. پر انهيءَ اعتراض کي هينءَ چئي ٽاري سگهجي ٿو ته ديوتائن جا اهي به جوڙا، جوپيٽر ۽ جيونو هڪ طرف ۽ ڊائنس ۽ ڊائنا يا جانس ۽ جانا ٻئي طرف، هڪٻئي جا فقط نقل آهن ۽ سندن نالا ۽ فرائض پنهنجي اصليت ۽ ڪيفيت ۾ بلڪل هڪجهڙا آهن. جيستائين انهن جي نالن جو تعلق آهي، تيستائين اهي چارئي آريه ٻوليءَ جي ساڳئي ئي لفظ 'ڊي' (DI) يعني "روشن" مان نڪتل آهن، جو انهن جي نسبتي يوناني ديوتائن، زيوس ۽ سندس پراڻي رفيقهٔ حيات ڊيئون، جي نالن ۾ موجود آهي. جيستائين سندن فرضن جو تعلق آهي، تيستائين جيونو ۽ ڊائنا ٻيئي آبادي ۽ ويرجون ديوين هيون. ۽ پنهي کي اڳي يا پوءِ چنڊ سان شناخت ڪيو ويو. جانس جي حقيقي فطرت ۽ فرضن جي باري ۾ دراصل قديم زماني جا ماڻهو پاڻ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيران هئا ۽ جتي آهي پاڻ صاف نه هئا. اتي انسان کي خاطريءَ سان فيصلي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ۽ جنهن نظريي کي "واروءَ" پيش ڪيو آهي. تہ جانس آسمان جو ديوتا هو. تنهن کي نہ فقط ان جي نالي ۽ آسماني ديوتا جيوپيٽر جي نالي جي لساني هڪجهڙائيءَ مان، پر جيوپيٽر ديوتا جي هن زالن، جيونو ۽ جوڇرنا ديوين، سان جيڪو سندس تعلق ڇيو وڃي ٿو، تنهن مان تقويت ملي ٿي. ڇو تہ "جونونين" جو لقب، جيڪو جانس کي ڏنو ويو هو، سو پڻهي جڻن، ديوتا ۽ ديويءَ، جي درميان شاديءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هڪ بيءَ روايت مطابق، جانس پاڻيءَ جي پريءَ، جوڇرنا، جو مڙس هو، جنهن تي، هڪ بيءَ روايت مطابق، جيوپيٽر ديوتا عاشق هو. ان کان سواءِ جانس کي، "جوو" (جيوپيٽر) روانگر باقاعدي پڪاريو ويندو هو ۽ ڪيس عام طور "فادر" (پيءَ) جي لقب سان سڏيو ويندو هو. درحقيقت هن جي مشابهت جيوپيٽر سان، نہ فقط عالم هيئت آگسٽين جي منطق مطابق ثابت شده آهي، پر هڪ نئين پوجاريءَ جي پختي ويساه مان پڻ ظاهر آهي، جنهن "جوپيٽر ڊائنس" جي ٻڌي نالي ۽ قرباني ڏني هئي. شاه بلوط جي ون سان سنڌس تعلق جو نشان ڪائيبر درياه جي ساڄي ڪناري واريءَ ٽڪريءَ "جٽيڪيولم" جي شاه بلوط جي ٻيلن ۽ اڄ ڏسي سگهجي ٿو جتي ڇيو وڃي ٿو تہ اطالوي تاريخ جي اوائلي زمانن ۽ جانس حڪومت ڪندو هو.

چنانچہ، جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، يونانين ۽ اطالوين وٽ قديم ديوتائن جي ساڳئي جوڙي کي مختلف نالن، جهڙوڪ زيوس ۽ ڊيئون، جيوپيٽر ۽ جيونو، يا ڊائنس (جانس) ۽ ڊائنا (جانا) سان سڏيو ويندو هو ۽ ديوتائن جي نالن جو مقصد ۽ مفهوم ساڳيو ٿي هو، جيتوڻيڪ انهن جو نمونو ڪين پوڄيندڙ هر هڪ مخصوص قوم جي لب ولهجي ۽ بوليءَ مطابق مختلف هو. پهريائين تہ جڏهن جدا جدا قومون هڪبئي جي نزديڪ رهنديون هيون، تڏهن نالن جي فرق کان علاوه سندن ديوتائن ۾ ٻيو ڪو خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختلاف ڪو نہ هوندو، پر انهن قومن جي آهستي آهستي منتشر ٿيڻ ۽ نتيجي طور انهن جي هڪجهڙي ڪان دوريءَ سبب انهن ديوتائن، جن کي هو پاڻ سان گڏ پنهنجن پراڻن وطنن ڪان ڪڍي آيا هئا، جي تصورات ۽ عبادت جي طريقن ۾ فرق پيدا ٿيڻ لازمي امر هو. تان جو ڪافي وقت گذرڻ ڪان پوءِ روايت ۽ رسم جي اختلافن پيدا ٿيڻ جي گنجائش پيدا ٿي. هوندي ۽ اهڙيءَ طرح ديوتائن جي درميان ابتدائي نالي ماتر فرق ٿيندي ٿيندي حقيقي نوعيت اختيار ڪري ورتي هوندي. پوءِ جڏهن ثقافت ۽ تمدن جي تدريجي واڌاري سان وحشت ۽ باهمي علحدگيءَ جو طويل عرصو ختم ٿيندو ويو ۽ هڪ طاقتور قبيلي جي وڏندڙ سياسي اقتدار پنهنجن ڪمزور پاڙيسرين کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري يا انهن کي دٻائي هڪ قوم بنائڻ شروع ڪيو، تڏهن قوم جي جدا جدا شاخن پنهنجين هولين وانگر پنهنجن ديوتائن کي به آڻي هڪ مشترڪ مرڪز تي رکيو، چنانچہ امڪان آهي تہ اهي ساڳيا قديم ديوتائون جن کي سندن ابن ڏاڏن هڪجهڙي ڪان الڳ ٿيڻ ڪان اڳ گڏجي پوڄيو هوندو، سي هينئر مختلف هولين ۽ مذهبي اختلافن جي زير اثر اهڙيون علحديون صورتون مستقل طور ولي بيهي رهيا هوندا، جو سندن اصلي مشترڪ صورت شناخت ڪرڻ ناممڪن ٿي پيئي هوندي. ۽ پوءِ نيٺ اهي گڏيل قومي مندر ۾ قوم جي ڪثيرالتعداد ديوتائن جي صف ۾، پنهنجي پنهنجي مستقل، مخصوص ۽ انفرادي جڳهہ حاصل ڪري ويهي رهيا.

قريبي قبيلا جيڪي ڪافي عرصو هڪجهڙي ڪان علحدہ رهيا، اهڙي طرح جو پيهر پاڻ ۾ راڻي گڏيا ۽ قوم جي صورت ۾ ملي هڪ ٿي ويا. ان جي نتيجي طور هڪ تہ ديوتائن ۾ ديوين جي تعداد ۾ اضافو ٿيو ۽ پيو تہ بنيادي طور ساڳيا ديوتائون پنهنجين ديوين سميت پنهن الڳ الڳ ديوين ديوتا پنجي هڪجهڙي جي پاسي ۾ اچي ويڻا. ۽ اهو ئي سبب آهي، جو روپي مذهب ۾ جاڻين ۽ جيوپيٽر، ڊائنا ۽ جانا يا جونو هڪجهڙي جي ناسي ۽ پينل ڊسڻ ۾ اچن ٿا. ڪم از ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو نظريو جڏن عالمن جي هن راءِ کان زياده معقول ۽ ممڪن نظر اچي ٿو ته شروعات ۾ جانس محض دروازن جو ديوتا هو ۽ بس، اهڙي شان و شوڪت ۽ رعب تاب واري ديوتا، جنهن کي رومي ٻوءِ ديوتائن جو ديوتا ۽ پنهنجو "ابو" ڪري تسليم ڪندا ۽ پوڄيندا هئا، پنهنجي زندگيءَ جو اهڙي معمولي (جيتوڻيڪ بيشڪ معزز) چوڪيدار جي درجي کان ولي آغاز ڪيو هوندو، بلڪل غيرممڪن نظر اچي ٿو. اهڙيءَ پست شروعات واري ديوتا لاءِ اهڙيءَ بلنديءَ جي مقام تي وڃي پهچڻ مشڪل معلوم ٿئي ٿو. هيءَ ڳالهه زياده امڪان واري نظر اچي ٿي ته "جانوئا" (= دروازو) جو لفظ "جانس" (ديوتا) مان نڪتو هجي، ۽ نه هيءَ ته "جانس" "جانوئا" مان. اسان جي انهيءَ خيال جي خود "جانوئا" لفظ ئي غور ڪرڻ سان تائيد ٿئي ٿي. آريه نسل جي سيني قومن ۾، هندستان کان ولي آئرلنڊ تائين، "دروازي" لاءِ گهٽو ڪري هڪ ئي لفظ استعمال ٿئي ٿو. سنسڪرت ۾ ان کي "دور"، يوناني ۾ "ٿورا" (*thura*)، جرمن ۾ "ٽور" (*Tur*)، انگريزيءَ ۾ "ڊور" (*door*)، قديم آئرش ۾ "دورس" (*dorus*)، ۽ لاطينيءَ ۾ "فورس" (*foris*) چيو وڃي ٿو. ان جي باوجود، "دروازي" جي جي انهيءَ عام لفظ کان سواءِ، جو لاطيني پنهنجن آريه نسل جي ٻين ڀائرن سان مشترڪ طور استعمال ڪندا هئا، انهن وٽ "جانوئا" لفظ به مروج هو، جنهن جهڙو لفظ ٻيءَ ڪنهن به انڊو-يورپي ٻوليءَ ۾ موجود ڪونهي. هيءَ لفظ جي صحيح صورت معلوم ٿئي ٿي، جا اسر "جانس" مان نڪتل آهي. پنهنجو هيءَ قياس آهي ته لاطينين وٽ هيءَ رواج هوندو هو ته آهي ڪاءِ جي صدر دروازي وٽ جانس ديوتا جو مجسمو يا ان جي علامت رکندا هئا، ته جيئن داخلا واري جاءِ هڪ عظيم ديوتا جي حفاظت ۾ رهي. اهڙيءَ طرح حفاظت ٿيل دروازي کي شايد "جانوئا فورس" يعني "جانوئا وارو دروازو" ۽ انهيءَ محاوري کي آهستي آهستي مختصر ڪري فقط "جانوئا" چيو ويندو هوندو، جنهن ۾ اسر "فورس"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوشيده رکيل هوندو ۽ ان جو اظهار نه ڪيو ويندو هوندو. انهيءَ منزل کان پوءِ "جانوئا" لفظ جو "دروازي" جي معنيٰ ۾ استعمال، خواه دروازي جي حفاظت "جانس" جو مجسمو ڪندو هجي يا نه، هڪ آسان ۽ فطرتي عيوري مرجلو آهي، جو خود بخود طي ٿيو هوندو.

جيڪڏهن انهيءَ قياس ۾ ڪا حقيقت آهي، ته پوءِ ان طرح جانس ديوتا جي بن منهن واري مجسمي جي اصليت جي سمجهاڻي، جنهن گهڻي عرصي کان ولي ڏندڪتائن جي ماهرن کي قياس آرائن ڪرڻ تي ٻڌي مجبور ڪيو آهي، بلڪل آسانيءَ سان ملي وڃي ٿي. جڏهن گهرن ۽ شهرن جي دروازن کي جانس جي مجسمي جي حفاظت هيٺ رکڻ جو رواج عام ٿيو هوندو، تڏهن محافظ ديوتا لاءِ هڪ ئي وقت پنهنجي طرفن ڏانهن، اڳتي ۽ پٺتي، نهارڻ ضروري تصور ڪيو ويو هوندو، ته جيئن کانئس ڪا شيءِ سندس تيز نظرن کان پوشيده نه رهي. چو ته جيڪڏهن محافظ ديوتا هميشه هڪ طرف نهارينڊو رهندو ته پوءِ هي تصور ڪرڻ آسان آهي ته سندس پٺئين پاسي کان بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي هر قسم جي شرارت ٿيڻ جو امڪان ۽ انديشو رهي. روم واري بن منهن واري جانس جي مجسمي جي متعلق هن سمجهاڻيءَ کي سوريءَ جي اندروني علائقن واري "يشن" حبشين جي بن منهن واري مجسمي جي رسم مان، جنهن کي اهي پنهنجي گوٺ جي منهن وٽ بطور محافظ جي رکندا هئا، تقويت ملي ٿي. اهو مجسمو ڪانڊ جو هڪ وڏو بند هوندو آهي، جنهن جي پنهي پاسي هڪڙي انساني صورت بي ڊولي نموني ڪريل هوندي آهي. اهو بت هڪ اهڙي صدر دروازي تي ٻيئل هوندو آهي، جو بن آپن ٽنين مٽان هڪ آڏو ٽنب رکي ٿاهيو ويندو آهي. مجسمي جي پرسان، شيطان کي دور رکڻ جي ارادي سان، گهٽو ڪري هڪ اڇي اڳڙي رکيل هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وري هڪ ڪانڙي به رکي هوندي آهي، جنهن جو مقصد ڏنڊي يا ٻئي ڪنهن هٿيار جي موجودگيءَ جو هوندو آهي. ان کان سواءِ آڏي ٽنب مان هڪ ننڍو ٽنب هوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لٽڪيل هوندو آهي، جنهن مان ڪنهن به اهڙي بد روح ڪي مٿي تي ڏڪ ٿوڪڻ جو مفيد ڪم ورتو ويندو آهي، جو صدر دروازي کي پار ڪرڻ جي همت ڪندو آهي. صاف ظاهر آهي ته سورينام جي حبشين جي ڪوٽن جي دروازن وٽ اهو به منهنجو مجسمو جانس جي. پن منهن وارن مجسمن سان قريبي مشابهت رکي ٿو، جي هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي ۾ ڪنجي جهلي، رومي دڻ ۽ صدر دروازن وٽ محافظن جي حيثيت ۾ چوڪيداري ڪندا رهيا هن باري ۾ اسان کي ڪنهن به شڪ ڪرڻ جي گنجائش ڪانهي ته پنهي حالتن ۾ ديوتائن جي دو-طرفي منهن جو ساڳيو مطلب آهي، جنهن مان محافظ ديوتا جي چوڪسيءَ ۽ هوشياريءَ جو اظهار ٿئي ٿو، جو روحاني دشمنن تي هڪ ئي وقت اڳيان ۽ پٺيان اک رکندو هو ۽ انهن کي اتي جو اتي ڏنڊن ٿوڪڻ لاءِ تيار ٻيٺو رهندو هو. ان ڪري اسان انهن ڏکين ۽ غير مطمئن سمجهاڻين کي آسانيءَ سان نظرانداز ڪري سگهون ٿا، جن سان "اووڊ" جي چوڻ مطابق، جالاڪ جانس ديوتا پڻ خود هڪ پريشان رومي سوال ڪندڙ کي تاري ڇڏيو هو.

انهن نتيجن کي نيميءَ جي پوجاريءَ سان واسته ڪرڻ لاءِ اسين هي تصور ڪري سگهون ٿا ته ڊائنا جي نر سائيءَ جي حيثيت ۾ هو جيوپيٽر جي نر ۽ ڊائنس يا جانس جي نمائندگي ڪندو هو، ۽ قديم زماني ۾ انهن ديوتائن جي درميان رڳو نالن جي اڇاتري فرق کان زياده ٻيو ڪو خاص فرق ڪونه هو، جنهن جو سنڊن آسمان، گجگوڙ ۽ شاه بلوط جي ديوتا هڻڻ جي اهم فرض تي عملي طور ڪو خاص اثر ٻيو هجي. انهيءَ ڪري اهو ئي موزون هو ته هن ديوتا جو نيميءَ وارو انساني نمائندو شاه بلوط جي هڙيءَ ۾ ئي گذاري، جيئن اسان کي معلوم ئي ڇڪو آهي ته درحقيقت اٿين ئي هو. هن جو ٻيلي جي بادشاه جو خطاب صاف ظاهر ڪري ٿو ته جنهن ديوتا جي هو خدمت ڪندو هو سو خاص طور ٻيلي سان ئي واسته هو، ۽ جنهن صورت ۾ مٿس

فقط اهو ماڻهو حملو ڪري سگهندو هو، جنهن هڙي ۽ مان پهريائين هڪڙي خاص وڻ جي ڏاري ٻڌي هوندي هئي، ان ڪري ڇو ته هن جي زندگي خاص انهي ۽ مقدس وڻ جي حياتي ۽ سان ئي وابسته هئي. چنانچه هو آريه قوم جي عظيم شاه بلوط جي ديوتا جي رڳو فقط خدمت ڪندو هو، پر هو ان کي پاڻ ۾ موجود ۽ سمجهندو هو ۽ شاه بلوط جي ديوتا جي حيثيت ۾ شاه بلوط جي ديوي ۽ سان ئي جنسي صحبت ڪندو هوندو، خواه اها ديوي ايگيريا جي تالي سان مشهور هئي يا ڊائنا جي. بهرحال انهن جو مڪمل وصل زمين جي آبادي ۽ ۽ ماڻهن ۽ حيوانن جي نسلي افزائش لاءِ ضروري تصور ڪيو ويندو هوندو. تنهن ڪان سواءِ جيڪڏهن ته شاه بلوط جو ديوتا آسمان، ڳجهوڙ ۽ مينهن جو ڌڻي ديوتا هو، تنهنڪري سندس انساني نمائندي ڪان، متعدد پين خدائي بادشاهن وانگر، ڪرن ڪي ڪڻي ڪرڻ، ڳجهوڙ ڪان ڏڏڪا ڪرائڻ ۽ موزون موسم ۾ مينهن کي نازل ڪرڻ جي تقاضا ڪڻي ويندي هئي، ته جيئن ٻنيون ۽ چمن ميوداريون ۽ چراگاه سائي گاه ۽ ٻوٽن سان ڀرجي وڃن. اهڙن اعليٰ طاقتن جو مشهور معروف مالڪ درحقيقت وڏي ۽ اهميت جو مالڪ هوندو، آستاني جي سر زمين تي جهڪي عمارتن ۽ پيش ڪيل قربانين ۽ نذرانن جا پڳل ٽڪل ۽ ڪل نشان ٻڌا ويا آهن، سي ڏيئر مصنفن جي شهادتن سان ملي ثابت ڪن ٿا ته پوين دورن ۾ اهو اڪلي ۽ جو عظيم ترين ۽ هر خاص و عام جي پوڄا جو وڏو ۽ وڏو آستانو هوه قديم زمانن ۾ ۽ جڏهن آسياس واري ميدانن علائقو اڃا انهن ننڍين ننڍين قومن ۾ تقسيم ٿيل هو، جي لاطيني برادري ۽ ۾ شامل هيون، ان وقت ۾ اهو مقدس ٻيلو انهن جي مشترڪ عبادت ۽ حفاظت جي جاءِ هئي، ۽ جهڙي ۽ طرح ڪمبوديا جا بادشاه "شاه ۽ پاڻي ۽ جي ۽ اسرار بادشاهن" ڏانهن خط استوائي ٻيلن جي دور ڪنڊ ۽ گهڻگهه اونداهين ۾ تذرانا موڪليندا هئا، تيئن اسان کي پڪين ڪرڻ گهرجي ته وسيع لاطيني ميدانن جي هرطرف ڪان اطالوي

زائرين جون اکيون ۽ قدم انهيءَ مقدس جاءِ ڏانهن ٿي کڄندا رهندا هئا، جتي اٽينائين جبلن جي ٽڪي نيلي رنگ يا دور کان نظر ايندڙ سمنڊ جي تيز نيلي رنگ جي مقابلي ۾ آلبن جبلُ، جو ٿي نيميءَ جي ۾ اسرار پوجاريءَ ۽ ٻيلي جي بادشاه جو گهر هو، پنهنجي شان و شوڪت سان انهن کي پاڻ ڏانهن پکاريندو رهندو هو. اتي، سبز ٻيلن جي درميان ۽ ويران ٽڪرين جي ماڻي پائيءَ جي پاسي ۾، شاه بلوط، گجگوڙ ۽ وسندڙ آسمان جي ديوتا جي قديم آريائي پوڄا، پنهنجي اصلوڪيءَ، ان بگڙيل ۽ قريباً غيرمهذب ۽ ان سڌريل صورت ۾، انهيءَ زماني کان ۾ گهڻو ٻوءِ هلندي آئي، جڏهن هڪ عظيم سياسي ۽ نظرياتي انقلاب لاطيني مذهب جي دارالخلافه کي ٻيلي کان شهر ڏانهن ۽ نيميءَ کان روم ڏانهن منتقل ڪري چڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سترهون

بادشاهيءَ جو پيار

۱- بادشاهن ۽ پوجارين تي بندشون:- قديم سماج جي ڪنهن منزل تي بادشاه يا پوجاريءَ کي ڪهڙو ڪري فوق الفطري طاقتن جهڙن نوازيل يا ديوتا جو اوتار سمجهيو وڃي ٿو. ۽ انهيءَ اعتقاد جي پد نظر فطرت جي نظام کي ٽوريءَ يا گهٽيءَ جڏهن تائين سندس ضابطي ۾ هيٺ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ڪيس ناخوشگوار هوا، فصلن جي ناڪاميابيءَ ۽ بين اهڙين ناگاه آفتن لاءِ ذميدار ٺهرايو وڃي ٿو. پانڌجي ٿو ته ڪنهن حد تائين اهو فرض ڪيو وڃي ٿو ته فطرت متان بادشاه جو قبضو ۽ ضابطو، سندس رعيت ۽ ٻانهن وانگر، سندس ڪن خاص قسم جي ارادي فعلن ذريعي عمل پذير ٿئي ٿو، ۽ ان ڪري جيڪڏهن خشڪسالي، قحط، بيماري يا طوفان روڪا ٿين ٿا، ته ماڻهو انهيءَ بدبختيءَ کي بادشاه جي بيپرواهيءَ، غفلت يا سندس ٻئي ڪنهن ڏوه ڏانهن منسوب ڪن ٿا، ۽ ڪيس جهڪن ۽ قيد و بند جي سزا ڏين ٿا، يا جيڪڏهن هو ايڏا بي ضد تي اڙجي بيهي ٿو ته ان صورت ۾ ڪيس تخت تان لاهين ٿا يا قتل ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن وري، فطرت جي نظام کي بادشاه جي زير حڪم تصور ڪرڻ سان گڏوگڏ، ان کي جزوي طور ان جي ارادي کان آزاد سمجهيو وڃي ٿو. سندس جسم کي، جيڪڏهن ان ڀالهه کي هينءَ بيان ڪري سگهجي، ڪائنات جو مقناطيسي ۽ برقي مرڪز سمجهيو وڃي ٿو، جنهن سان قوت جون لهرون آسمان ۽ فضا ۾ هر طرف ڦهلجي وڃن ٿيون، جنهنڪري هن جي ڪاڻ حرڪت ۽ سندس مٿي جو ڦرڻ يا هٽ جو ڪڇڻ ۽ فطرت جي ڪنهن نه ڪنهن حصي کي فوري طور متاثر ڪري، ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بريءَ طرح توازن ڪائن ٻاهر ڪڍي وجهي ٿو. هو ڏهڪل ۽ جوڙ اهو نقطو آهي، جنهن تي ڪائنات جو توازن قائم آهي. ۽ هن جي طرفان ڏري جيتري ريءَ قاعدگي انهيءَ نازڪ توازن کي درهم برهم ڪري سگهي ٿي. ان ڪري هن جي ڪهڙي ڪائن ڪهڙي خبرداري ڪرڻ لازمي آهي، ۽ ان سان گڏ ڪيس ۾ پنهنجيءَ ذات لاءَ وڏو احتياط ڪرڻ گهرجي. سندس سڄيءَ زندگيءَ کي باريڪ ترين تفصيلن تائين، اهڙيءَ تنظيم سان هلائڻو آهي، جو اڻ ڄاڻ ارادي يا غير ارادي فعل فطرت جي مقرر ٿيل نظام ۾ تلاظم يا افراتفري پيدا نه ڪري وجهي. اهڙي طبقي جي بادشاهن منجهان "ميڪاڊو" يا "ديري" (جپان جو روحاني شهنشاه) هڪ معياري مثال آهي، يا اڳي هوندو هو. هو سورج ديوي جو اوتار آهي، جا ڪائنات تي جنهن ۾ ديوتائون ۽ انسان شامل آهن، حڪومت ڪري ٿي. سال ۾ هڪ دفعو سڀئي ديوتائون ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءَ وٽس ايندا آهن ۽ سڄو مهينو سندس حضور ۾ حاضر رهندا آهن. انهيءَ مهيني جي دوران، جنهن جي ڪالي جي معنيٰ ٿي آهي "ديوتائن ڪان خالي" مهينو، ڪو، مندرن ۾ ڪونه ويندو آهي. ڇو ته عام اعتقاد مطابق اهي ويران هوندا آهن. ميڪاڊو کي سندس رعايا طرفان "ظاهر ديوتا" يا وري "ديوتا جو جيئرو اوتار" جو خطاب ملندو آهي، جنهن کي هو پنهنجن شاهي اعلانن ۽ فرمانن ۾ ڪليءَ طرح استعمال ڪندو آهي. هو جهان جي سڀني ديوتائن، ۽ سڀني عام ۽ خاص ضابطي ۽ اختيار جي دعويٰ ڪندو آهي. مثال طور سنہ ۱۹۴۶ع جي هڪ شاهي فرمان ۾ شهنشاهه کي "زنده ديوتا، جو ڪائنات تي حڪومت هلائي ٿو" بيان ڪيو ويو آهي.

ميڪاڊو جي زندگيءَ جي طور طريقي بابت اڪثر ۽ سو سال اڳ هيٺيون تفصيل، تحرير ڪيو ويو هو:

"اڄ ڏينهن تائين انهيءَ خاندان جي شهزادن کي ۽ زياده تر انهن کي، جي تخت تي ويهندا آهن، بذات خود انتهائي مقدس هستيون تصور ڪيو ويندو آهي، ۽ ڪين جنم ڪان وٺي ڏاڍو سمجهيو ويندو آهي. پنهنجيءَ رعيت جي دلين ۾ اهڙن فائديمند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرين ۽ خيالن کي قائم رکڻ لاءِ، کين پنهنجن مقدس وجودن جي غير معمولي خبرداري ڪرڻي پوندي آهي ۽ اهڙا ڪم ڪرڻا پوندا آهن، جي جيڪڏهن بين ملڪن جي معيارن سان پيٽيا وڃن، تہ اهي هوند ڪل جهڙا ۽ بد تميزيءَ وارا معلوم ٿين. انهن منجهان ڪن جو هتي ذڪر ڪرڻ ويجا نہ ٿيندو. ميڪاڊو سمجهندو آهي تہ زمين کي پيرن سان ڇهڻ هن جي تقدس ۽ شان شوڪت جي خلاف ٿيندو، ان سبب ڪري هو جڏهن ٻ ڪنهن طرف وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪندو آهي، تڏهن ڪيس ماڻهن جي ڪلهن تي چاڙهي اوڏانهن نيو ويندو آهي. انڪان ٻ زياده، هو هيءَ ڳالهہ برداشت نہ ڪندا آهن تہ سندس مقدس جسم کي ٻاهران جي ڪا هوا لڳي، ۽ سج کي هرگز پنهنجي مٿي تي چمڪڻ جي لائق ڪونہ سمجهندا آهن. هن جي بدن جي سيني حصن سان اهڙو تہ تقدس واسطو ڪيو ويندو آهي، جو ڪيس پنهنجن وارن يا ڏاڙهيءَ يا نهن ڪي وڍڻ جي جرئت ڪانہ ٿيندي آهي. بهرحال، هن انديشي ڪان تہ متان سندس جسم ميرو ۽ ڳدلو ٿي وڃي، ڪيس رات جو ننڊ ۾ وهنجاريو ويندو آهي، جو تہ هو چوندا آهن تہ هن جي جسم ڪان جيڪا ٻ شيءَ اهڙيءَ حالت ۾ جدا ڪئي وڃي ٿي، سا چوري ڪئي ٿي وڃي، ۽ اهڙي چوري سندس تقدس ۽ شان جي خلاف نہ ٿي ٿي سگهي. قديم زماني ۾ هن کي هر روز صبح جو چند ڪلاڪن لاءِ مٿي ۾ شاهي تاج وجهي تخت تي ويهاريو پوندو هو، ۽ ڪيس بلڪل هڪ مجسمي وانگر ساڪت ۽ جامد ويهاريو پوندو هو، تہ جيئن سندس هٿ يا پير، مٿو يا اکيون ۽ جسم جو ڪو حصو حرڪت نہ ڪري، جو تہ انهيءَ طريقي سان سمجهيو ويندو هو تہ هو پنهنجي سلطنت ۾ صلح ۽ سانت قائم رکي سگهندو. جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان هو هيڏانهن يا هوڏانهن چريو پريو، يا هن پنهنجي مملڪت جي ڪنهن هڪ طرف ڪجهہ لاپرواهيءَ توجهہ سان ڏٺو، تہ ماڻهن کي اهو خوف ورائي ويندو هو تہ انهيءَ سبب ڪري ملڪ ۾ جنگ، ڏڪار، باهہ يا پي ڪا اهڙي آفت نازل ٿيندي، جا ملڪ کي تباهہ و برباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيندي. ۽ پر هوءَ جڏهن هيءَ ڳالهه معلوم ڪئي ويئي
ته شاهي تاج ٻي هوءَ جنهن جي هڪ ڪنيءَ ۾ رهن سبب
سلطنت ۾ صلح سلامت قائم رهي سگهندو، تڏهن اهو ضروري
سمجهيو ويو ته بادشاه جي مقدس جسم کي جو فقط واندڪائيءَ
۽ سٿرت لاءِ مخصوص هو، انهيءَ ڪري فرض کان مستثنيٰ قرار
ڏنو ويو. ۽ ان ڪري هينئر روزانو صبح جو تخت نشين ٿيڻ
وارو تاج ڪيو ويندو آهي. رهن جو ڪاڏو هر وقت نون برتن ۾ نهن
گهرجي. ۽ ساڳي نين رڪابين ۾ اڇن گهرجي. ۽ انهي قسمن
جا برتن تمام صاف هوندا آهن، ۽ ساڳئي وقت اهي رواجي
مئيءَ جا ٺهيل هوندا آهن، ته جيئن انهن کي هڪ دفعي
استعمال ڪرڻ کان پوءِ گهٽي خرچ کان سواءِ پاسي ڪري
يا ٽوڙي سگهجي. گهٽو ڪري انهن کي هن اندیشي سبب ٽوڙيو
ويندو آهي ته متان اهي ڪن کي دستياب ٿي وڃن. ۽ جو ته هو
مذهبي طور هي يقين رکن ٿا ته جيڪڏهن ڪو رواجي ماڻهو
انهن برتنن منجهان کائي جي جسارت ڪندو ته سندس وات ۽
ڳلو سڄي ۽ سڙي هوندا. ڊيري جي ماڻهن کان ۽
ساڳئي نمونيءَ جي ٻري اثر جو ڊپ ڏيندو آهي. ۽ جو ته هنن جو
ايمان آهي ته جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو انهن کي شهنشاهه جي
خاص ڪمري ۾ اجازت بغير پائيندو، ته سندس جسم جي سيني
حصن ۾ سوج ۽ سوا ۽ پيدا ٿي هوندو. ان باري ۾ ميڪاڊو
متعلق هڪ زياده اوائلي تيان هن طرح سان آهي: "زمين کي پڻ سان
ڇهڻ ۾ نه هوندو. پنهنجي لاءِ هڪ شرمساري ۽ بيعزتي تصور
ڪندو هو. ۽ جڏ ڪي ته سندس مٿي تي چمڪن جي اجازت ٿي
ڪانه هئي. سندس جسم جي ڪا به نجاست، ڪانئس جدا ڪانه ڪئي
ويندي هئي. ۽ سندس وار ۽ ڏاڙهي ڪڏهن به نه ڪٽيا ويندا هئا.
هو جيڪي به ڪائيندو هو، سو نون برتن ۾ پچايو ويندو هو."
ساڳيءَ طرح پوجاري بادشاه يا ديوتا بادشاه جهنگليءَ جي
هيئين سطح تي ويل آفريڪا جي مغربي ساحل تي رهندڙ ملڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏنا وڃن ٿا. لوئر گائنا ۽ ڪيپ ٻاڊران جي پرسان، شارڪ ٻائنٽ وٽ، "ڪوڪولو" نالي هڪ اهڙو پوڄاري بادشاه ٻيلي جي تنهائيءَ ۾ رهي ٿو. هن کي ڪنهن به عورت کي هٿ لائڻ جي اجازت ڪانهي ۽ نه وري هو پنهنجو گهر ئي ڇڏي ٿو سگهي، درحقيقت هن کي پنهنجي ڪرسي به ڇڏڻي ناهي، جنهن ۾ هن کي ننڊ ۽ ويٺي ويٺي ڪرٽي پوندي آهي، ڇوتہ جيڪڏهن هوليٽي پوندو تہ هوا ڪانہ لڳندي ۽ جهازراني بيهجي ويندي. هو طوفانن کي باقاعدگيءَ سان ڀلائيندو آهي ۽ عام طرح فضا ۾ هڪ خوشگوار توازن قائم رکندو آهي. ٽوگو ۾، اگو جبل تي "باغبا" نالي هڪ ديوتا يا "روح" رهندو آهي، جو آسپاس جي سڄي ملڪ لاءِ وڏيءَ اهميت جو مالڪ آهي. مينهن وسائڻ ۽ بند ڪرڻ جي طاقت هن ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي ۽ هوئي هوائن جو آقا ۽ مالڪ آهي، جن ۾ ملڪ جي اندروني علائقن کان ايندڙ "هرمائن" نالي خشڪ ۽ گرم هوا به شامل آهي. هن جو جيئرو جاڳندو پوجاري جبل جي ٽيني کان زياده اوچيءَ چوٽيءَ تي هڪ گهر ۾ رهندو آهي، جتي هو هوائن کي وڏن سٽن ۾ بند ڪري رکندو آهي. مينهن لاءِ درخواستون ۽ ڪيس ٻڌي ويندڙن آهن، ۽ هو اهڙن تعويذن مان وڏي ڪمائي ڪندو آهي، جيڪي جيتن جي ڏندن ۽ نهن مان ٺهيل هوندا آهن. ان جي باوجود، جيتوڻيڪ سندس طاقت وڏي آهي ۽ هو ملڪ جو حقيقي سردار آهي، "ديوتا" يا "روح" جي قانون مطابق هو ڪنهن به وقت جبل تان هيٺ لهي نٿو سگهي ۽ هن کي پنهنجي سڄي زندگي ان جي چوٽيءَ تي گذارڻي آهي. سال ۾ هن کي فقط هڪ دفعو هيٺ اچڻ ۽ بازار مان خريدارين ڪرڻ جي اجازت ملي هوندي آهي، پر ان صورت ۾ به هن کي ڪنهن فاني انسان جي جهوپڙيءَ اندر پير پائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. ڪيس الهيءَ ڏينهن ٻي پنهنجي جلاوطنيءَ واري مقام ڏانهن واپس وڃڻو پوندو آهي. ٽوگو ۾ حڪومت جو ڪاروبار ننڍن سردارن کي هلائڻو پوندو آهي، جن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقرر هو پاڻ ڪندو آهي. مغربي آفريڪا جي ڪانگو بادشاهيءَ
۾ هڪ اعليٰ سردار رهندو هو، جنهن کي "چتوبي" يا "چتومبي"
سڏيو ويندو هو ۽ جنهن کي اڃان جا خبشي زمين جو ديوتا ۽
آسمان ۾ ڪل خوراڪ جو مالڪ ڪري سڃيندا هئا. چنانچ
پنهنجن نون فصلن جي وٽ ڪرڻ کان اڳ، هو زمين جا پهريان
ڦل ڪيس پيش ڪندا هئا، چوتڪين ڏڻ رهندو هو ته جيڪڏهن
هو انهيءَ قانون جي خلاف ورزي ڪندا ته مٿن ڪي بناه ۽ متعدد
مصيبتون نازل ٿينديون. جڏهن به هو پنهنجيءَ سرحد اندر ڪن
جاين جي دوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي قياسگاه ڪان باهر ويندو هو،
تڏهن جيتري عرصي تائين هو باهر هوندو هو، تيتر عرصي
ماڻهن کي جنسي صحبت ڪان سخت پرهيز ڪرڻي هوندي هئي.
چو ته انهن سمجهيو ويندو هو ته ان باري ۾ هڪ دفعو به پرهيز
نه ڪئي ويئي، ته اهو فعل هن لاءِ مهلڪ ثابت ٿيندو ۽ جيڪڏهن
هو قدرتي موت مرندو ته هو سمجهندا هئا ته سڄي دنيا هن سان
گڏ ناس ٿي ويندي، ۽ هيءَ ڏرتي جنهن کي فقط هو ئي پنهنجيءَ
قوت ۽ قابليت سان جهليو ٻيٺو هو، هڪدم نيست و نابود ٿي
ويندي. ٿين دنيا (آمريڪا) جي نيم وحشي قومن ۾، هسپانوي
فتوحات واري وقت ۾، جهان جهڙيون مذهبي يا مطلق العنان
حڪومتون موجود ڏٺيون ويٺون هيون، خاص طرح زاپوٽيڪ قبيلي
وارن جو وڏو پوجاري-سردار ميڪاڊو سان هڪ قريبي متوازي
مثال پيش ڪندو نظر اچي ٿو. اهو روحاني آقا، جو اڃان جي
بادشاه جو هڪ طاقتور رقيب هو، بادشاهيءَ جي مڪي شهرن مان
"يوپٽا" نالي هڪ شهر ۾ مطلق العنانيءَ سان حڪومت هلائيندو
هو. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هن کي جيڪو احترام ڏنو ويندو
هو، تنهن جو وڏائي بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. هن کي اهڙو
ديوتا سمجهيو ويندو هو، جنهن جي بار ڪڻڻ لاءِ زمين ۽ جنهن جي
مٿان چمڪڻ لاءِ سج لائق ڪين هئا. جيڪڏهن هو زمين کي
پنهنجي پير سان ڇهي وجهندو هو، ته جڏهن پنهنجي تقدس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي توهين ڪري وڏي، جيڪي عملدار هن جي پالڪيءَ کي پنهنجن ڪلهن تي کڻي هلندا هئا، سي ملڪ جي اعليٰ ترين خاندان جا فرد هوندا هئا. پنهنجي آسپاس ڪنهن به چيز ڏانهن هو اک کڻي به نه نهاريندو هو ۽ جيڪي به سندس سامهون اچي ويندا هئا، سي هڪدم اونڌا ٿي ڏرتيءَ ڏانهن منهن ڪري هيٺ ڪيڙي پوندا هئا. جو ته ڪنهن ڏانهن ڏسندو هو ته جيڪڏهن هو سندس هاڻي کي ڏسي وجهندا ته موت سندن خاتمو آڻي ڇڏيندو. زاپوٽيڪ پادرين ۾ خاص طور پوڄاري- سردار مٿن "پرهيز جو قانون" باقاعدگيءَ سان عائد رهندو هو. هر "سال جي- ڪن خاص ڏينهن تي، جن کي گهٽو ڪري محفلن ۾ ناچ گاني سان ملهايو ويندو هو، هن کي نشي ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي. پوءِ انهيءَ نيم بيهوشيءَ جي عالم ۾، جڏهن هو زمين ۽ آسمان وارن کان ڀي ٽهلي هوندو هو، تڏهن قبيلي جي سڀني کان زياده خوبصورت ڪنوارين ڇوڪرين منجهان هڪ جا ديوتا جي خدمت لاءِ مخصوص ٿيل هئي، هن کي ڏني ويندي هئي." جيڪڏهن انهيءَ وصل مان جيڪو ڪيس- ٻار جنمندو هو، سو پٽ هوندو هو. ته ان جي شاهي نسل وارن شهزادن وانگر تربيت ڪئي ويندي هئي ۽ سڀني کان وڏي پٽ کي پيءُ جي سرداريءَ وارو ورثو ملندو هو. انهيءَ سردار سان جيڪي فوق الفطري طاقتون وابسته ڪيون ويندڙن آهن، تن جو خاص طرح ڪو ذڪر ڪيل ڪونهي، پر اهي شايد ميڪاڊو يا چتوسيءَ جي طاقتن سان ئي مشابهت رکندڙ هوندا هجن.

جيان ۽ اولهه آمريڪا واسڪن دنيا جي جنهن به حصي ۾ ائين سمجهيو ويو آهي ته قدرت جو نظام يا خود دنيا جو وجود بادشاه جي يا پوجاريءَ جي زندگيءَ سان وابسته آهي. اتي ظاهر آهي ته سندس معتقدن ۽ رعايا لاءِ هو بي انتها رحمت جي سرچشمي هئڻ سان گڏ بي انتها خطري جو باعث به ضرور هوندو. هڪ طرف ماڻهو مينهن ۽ آس لاءِ ان جي شڪرگذاري ڪن ٿا، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وڏرتيءَ جا ميوا پلجي وڏا ٿين ٿا، انهيءَ هوا لاءِ هن جا ٽورانٽا آهن، جا هنن جي جهازن کي کناري پيڙو اچي ڪري ٿي، حتيڪ سندن پيرن هيٺان سخت ۽ ٿهريءَ زمين لاءِ به هن جا احسان مند رهن ٿا، پر هو جيڪي به ڏئي ٿو، ان کان انڪار به ڪري سگهي ٿو. فطرت جو هن جي شخصيت تي اهڙو تہ قريبي انحصار آهي، ۽ فطرتي قوتن جي نظام جو، جنهن جو هو مرڪز آهي، اهڙو تہ نازڪ توازن آهي، جو هن جي طرفان ذري جيتري به لغزش يا بي قاعدگي اهڙو لرزو پيدا ڪري سگهي ٿي، جو سڄي زمين ۽ ان جي بنيادن تائين زلزلو اچي سگهي ٿو. جيڪڏهن بادشاه جي ٽوريءَ حرڪت سبب قدرت ۽ ايتريقدر خلل اچي سگهي ٿو، تہ پوءِ هيءَ تصور ڪرڻ آسان آهي تہ ان جو موت ڪهڙو نہ زبردست ہائيتال پيدا ڪري سگهندو، چتوميءَ جو قدرتي موت، جيئن مٽي ڏسي آيا آهيون، سڀني شين جي ٽيست و تابود ٿيڻ جو سبب سمجهيو ويندو هو. ان ڪري ظاهر آهي تہ پنهنجيءَ سلامتيءَ جي ضدي، جا ڪنهن به وقت بادشاه جي ڪنهن بي خيالي ڪم يا، ان کان به زياده، سندس موت سبب جو ڪي ۽ اچي سگهي ٿي، ماٹهو پنهنجي بادشاه يا پوجاريءَ کان ضرور انهن قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرائيندا، جن تي سندس سلامتيءَ ۽ ان جي نتيجي طور سندس رعيت ۽ سڄيءَ ڪائنات جي سلامتيءَ جو دارومدار سمجهيو ويندو هو. ان جي برعڪس، انهن جو بادشاه محض پنهنجي رعايا لاءِ زنده رهي ٿو، هن جي زندگي فقط اهڙي وقت تائين قيمتي آهي، جيستين هو پنهنجن ماٹهن جي فائدي لاءِ فطرت جي نظام کي پنهنجي زير حڪم هلائي، ۽ پنهنجي منصب جا فرض ادا ڪري سگهي ٿو. جيئن ٿي هو ائين ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿئي ٿو، تيئن اها خبرداري، اهو پيار، ۽ اهو مذهبي نياز ۽ نڙت، جن جي اهي سندس مٿان بارش ڪندا رهندا هئا، هڪدم بند ڪيا ويڻ ٿا، ۽ سندن سڀ نيازمنديون ۽ فرمانبرداريون نفرت ۽ حقارت ۾ تبديل ٿي ويڻ ٿيون، ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو شرمسار ۽ بي عزت ڪري معطل ڪيو وڃي ٿو، ۽ جيڪڏهن سندس حياتي بچائي وڃي ٿي، تہ ان لاءِ ڪيس واقعي پنهنجي ماڻهن جو شڪرگذار رهڻ گهرجي. هڪڙي ڏينهن ديوتا وانگر سندس پوڄا ڪئي وڃي ٿي، تہ ٻئي ڏينهن ڪيس هڪ مجرم وانگر قتل ڪيو وڃي ٿو. ۽ ماڻهن جي انهيءَ ڦريل روش ۾، ٻوراڻي طبيعت يا ذهنيت جي بدل سدل جو ڪو هٿ ڪونهي، ان جي بلڪل برعڪس سندن اها چال بلڪل مستقل مزاجيءَ تي مبني آهي. جيڪڏهن سندن بادشاه انهن جو ديوتا ۽ آهي، تہ پوءِ هو سندن حفاظت ڪندڙ ۽ سنياليندڙ ۽ آهي، يا واقعي ڪيس اڻين هڻڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن هو سندن حفاظت ڪرڻ ڪري، تہ پوءِ ڪيس اهڙي ماڻهوءَ لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ گهرجي، جو اڻين ڪري سگهي. بهرحال، جيسين هو سندن اميدون پوريون ڪري ٿو، تيسين سندس ناز برداريءَ جي گا حد يا حساب ٿي ڪونهي، جا اهي سندس خبرداري ڪرڻ ۽ اختيار ڪن ٿا يا ڪيس پنهنجي خبرداري ڪرڻ لاءِ پنهنجي مٿان عائد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. اهڙو بادشاه رسم و رواج جي قاعدن قانونن جي گهيري ۽ ۾ امر و نهي جي چار ۽ مٿي ڪان پيرن تائين گهيريل رهي ٿو، جنهن جو مقصد هن جي شان و شوڪت، رعب تاب يا آرام و آسائش ۽ اضافي آڻڻ جو نہ، پر ڪيس اهڙيءَ چال چلت ڪان باز رکڻ جو هوندو آهي، جا قدرتي نظام ۽ خلل انداز ٿيڻ سبب ڪيس توڙي سندس رعايا ۽ سڄيءَ دنيا کي هڪ عام مصيبت ۽ مبتلا ڪري وجهندي. هن جي آرام ۽ اضافو آڻڻ تہ بجاءِ خود، پر زمين رواجن جي اها سخت بجا آوري سندس هرهڪ ڪم ۽ مداخلت ڪري، هن جي آزاديءَ کي ناس ڪري وجهي ٿي، ۽ گهٽو ڪري ان جي زندگيءَ کي، جنهن جي حفاظت ڪرڻ ٿي ان جو مقصد هوندو آهي، حسرت و ياس جي انتهائي عذاب ۽ تبديل ڪري ڇڏي ٿي.

لوٿانگو جي فوق‌الفطري طاقتن سان نوازيل بادشاهن متعلق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو وڃي ٿو تہ جيئن کو بادشاہ زياده طاقتور سمجهيو ويندو آهي، تيئن ان جي مڃڻ زياده پابنديون عائد ڪيون ويندیون آهن، هن جي سيني ڪمن ڪارين ـ اٽڪ ۽ گهمن، ڪاٽ ۽ ٻيٽ، سمهڻ ۽ جاڳڻ ـ کي باقاعدگيءَ سان هلايو ويندو آهي. تخت جو وارث ننڍيءَ جمار کان وٺي ٿي انهن پابندين ۾ جڪڙيل هوندو آهي، ۽ جيئن هو زندگيءَ جون وڌيڪ منزلون طي ڪندو ويندو آهي، تيئن انهن پرهيزن ۽ رسمن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي، جي ڪيس ادا ڪرڻيون هونديون آهن ـ "تان جو انهيءَ وقت جڏهن هو تخت تي ويهندو آهي، هو رسم و رواج ۽ مصنوعات جي بحر عظيم ۾ غرق ٿي ويندو آهي." ڪ وسائل برندڙ جبل جي منهن ۾، جو چئن ٿي طرفن کان گاه سان پريل لاهن سان گهيريل آهي، فرئنڊوپو جي مقامي بادشاه جي دارالحڪومت، ريابو، جون ٽڙيل پکڙيل جهوپڙيون ۽ ٻيون ٻيٽل آهن. اها پراسرار هستي انهيءَ جبل جي انتهائي زيرين حصي ۾، چالهين زالن جي حرم جي وچ ۾، رهندڙ آهي، ۽ جيو وڃي ٿو تہ سندس جسم فقط چانديءَ جي پراڻن سڪن سان ڍڪيل هوندو آهي. ڪ اڳهاڙي وحشيءَ هڻ جي باوجود، هو انهيءَ جزيري ۾ ايڏا تائين ان جي گاديءَ "سينٽا آئسابيل" جي هسپانوي گورنر کان ۽ وڌيڪ اثر و رسوخ هلائي ٿو. اتان جي قديم‌النسل جاهل رهاڪن جي قدامت پسند روح جو، جو تہ هو ڪ مجسمو آهي. هن ڪڏهن ۽ ڪنهن سفيد فام ماڻهوءَ جو منهن ڪونہ ڏٺو آهي، ۽ اتان جي سيني مقامي باشندن جي پختي اعتقاد مطابق، زرد رنگ جي شڪل تي هن جي نظر پئي تہ هن جو موت يقيني آهي، سندن تي نظر وجهڻ هن جي برداشت کان ٻاهر آهي ـ درحقيقت جيو وڃي ٿو تہ هن کي ڏري کان ۽ ان کي ڏسڻ گهرجي، جنهنڪري هو پنهنجي جهوپڙيءَ جي تيز روشنائيءَ ۾، پنهنجن پيرن ۾ ٻڌيون وڇي، پنهنجي زندگي اتي ئي ۽ ائين ئي ختم ڪندو آهي. هيءَ ڪالهه تصديق شده آهي تہ هن ڪڏهن ۽ ساحل تي قدم ڪونہ رکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ٻنهنجي چاقوءَ ۽ بندوق کان علاوه، هو هي ڪنهن ٻ
ايڙيءَ شيءَ کي استعمال ڪرڻ ڪندو آهي، جا سفيد فام قوم
وٽان آيل هجي. يوروپي ساخت جو ڪپڙو سندس جسم کي ڍڪ ڏين
ٻ، لڳڻ نہ گهرجي، ۽ هو تماڪ، شراب، حتيٰ ڪ لوڻ کان به
نفرت ڪندو آهي.

سليوڪوسٽ جي "ابو" پولي ڪالهائيندڙ قومن ۾ "بادشاهه" ڪهي
وقت وڏو پادري به هوندو آهي. انهيءَ حيثيت ۾ خاص طرح
اڳين زمانن ۾ سندس رعايا مان ڪو به سندس نزديڪ ڪونہ وڃي
سگهندو هو. غسل وغيره ڪرڻ لاءِ هن کي ٻنهنجي جهوپڙيءَ
مان فقط رات جو ٻاهر نڪرڻ جي اجازت هوندي هئي. هن مان
سندس نمائندي جنهن کي ظاهري بادشاهه چوندا هئا، ۽ ان چوڌ
سردارن کان علاوه ٻيو ڪو به گفتگو ڪونہ ڪري سگهندو هو. ان
انهن کي ٻ ڏڪي جي ڪل تي ڏانهس ٻڌي ڪري، ويهڻو پوندو هو.
هن پالهه جو خاص احتياط ڪيو ويندو هو ته سندس نظر ڪنهن
پوري تي ڪنهن گهوڙي تي، ۽ ان سميت تي ڪڏهن نہ ٻوي
جنهن کي ڪيئن سندس دارالڪوسٽ مان چند گهڙين لاءِ ٻ
ڪڍهن ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڪانہ هئي. اهي قاعدا ڪنهن ٻورائي
ڏينهن ڌيا جو نظرانداز ڪيا ويا آهن. داهوميءَ جي بادشاهه تي
سمنڊ کي ڏسڻ جي اجازت ڪانہ هئي. عائبه ٽيل آهي، ساڳيءَ
طرح لوٽانگو ۽ گائنا جي عظيم آدرا جي بادشاهن تي به ساڳي ٻي
بندش پيل آهي. داهوميءَ جي اترين اولهه ۾ آئيو قبيلي وارن
وٽ، سمنڊ هڪ اڳرئي شيءَ آهي، جنهنڪري کين سندن
بادشاهن کي سندن "پوجاري" ڏسڻ کي ڏينداهن ته جيئڪڏهن هو
سمنڊ ڏانهن هڪ ڪٻي به نهاريندا ته کين موت جو ٻڌو
ٻڌو ويندو. سينيگال ۾ ڪيئن جي بادشاهه لاءِ هي اعتقاد آهي ته
جيڪڏهن هو ڪنهن درياهه يا سمنڊ جي ڪنهن پوڙيءَ کي پار
ڪرڻ جي جسارت ڪندو ته هڪ سال جي اندر ئي اندر يقيني
طور موت جو منهن ڏسندو. ٽورائي ۽ال ٿا ته ماشونا لينڊ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سردار کن درياهن، خاص طرح روريکويءَ ۽ نيادير ڏين، کي پار ڪرڻ ڪندا هئا. انهيءَ رسم تي ٻنهه ڏوروئي وقت ڏيو جو اوستائين منجهائين هڪڙو سردار تہ نهايت سختيءَ سان پائبند رهندو ايندو هو. "سردار کي ڪنهن بہ حالت ۾ درياه پار ڪرڻو ڪونهي. پر جيڪڏهن درياه اڪرڙ هن لاءِ انتهائي ضروري آهي، تہ پوءِ سندس اڪين تي ٻڌي، ماڻهو ڪيس ڪلهن تي چاڙهي، شورو غل مچائيندا ۽ گيت ڳائيندا درياه ٽپائيندا آهن. جيڪڏهن هو پنهنجي منهن درياه اڪرندو، تہ انڊو تي ڇوڙندو يا مري ويندو ۽ يقيناً پنهنجي سرداري وڃائي ويهندو." ساڳيءَ طرح مٿاڳاسکر جي ڏکڻ ۾ مهافالي ۽ سڪالاوا قبيلن ۾ ڪن بادشاهن کي سمنڊ تي سفر ڪرڻ يا ڪن ڏينهن کي پار ڪرڻ جي منع هوندي آهي. سڪالاوا قبيلي وارن ۾ بادشاه کي مقدس هستي سمجهيو ويندو آهي، ۽ "ڪيس متعدد پابندين ۽ بندشن ۾ جڪڙيو رکيو ويو آهي، جن جي ذريعي، چين جي شهنشاه وانگر، ڪيس گويا قاعدي اندر رکيو ويندو آهي. هو تيسين کوبہ ڪم يا ڪاب مهم شروع ڪانہ ڪري سگهندو آهي، جيسين سندس جادوگر نيڪ شگونيءَ جو اعلان نہ ڪندا آهن، هن کي گرم ڪاڌي ڪائڻ جي اجازت ڪانهي، ڪن خاص ڏينهن تي هو جهوپڙيءَ مان ٻاهر نہ وڃي سگهندو آهي، وغيره، وغيره." آسام جي جابلو قبيلن ۾ سردار ۽ سندس زال کي ڪاڌي جي متعلق، گهڻين پابندين جو خيال رکڻو پوندو آهي، چنانچہ انهن کي مينهين، سوئر، ڪتي، ڪڪڙ ۽ ٽمائين ڪائڻ جي اجازت ڪانهي. سردار کي پاڻ ۽ صاف رهڻ گهرجي، هن کي هڪ ئي زال پرڻجي آهي، ۽ ان کان پوءِ هر قسم جي ڏک وار تي ڪيس پري گذارڻو آهي. انهن قبيلن جي هڪ گروه جي سردار کي ڪنهن بہ ڏاڙي ڪوٺ ۾ ڪاڌي ڪائڻ جي ممانعت هوندي آهي، ۽ انتهائي ڪاوڙ ۽ جوش جي حالت ۾ بہ ڪيس ڪاگار نہ ڪيڏي آهي. اڃان جي ماڻهن جو هيءَ پڪو خيال آهي تہ سردار طرفان اهڙين پابندين مان ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ جي خلاف ورزي سڄي ڳوٺ مٿان مصيبت ۽ بدبختي نازل ڪري ڇڏيندي.

آئرلنڊ جي قديم بادشاهن ۽ لينسٽر، منسٽر، ڪونات ۽ السٽر پرڳڻن جي بادشاهن تي ڪجهه عجيب و غريب پابنديون عائد ٿيل هيون، جن جي باقاعدي بجا آوريءَ تي ماڻهن، ملڪ ۽ خود سندن پنهنجي آسودگيءَ کي منحصر سمجهيو ويندو هو. چنانچه، مثال طور، آئرلنڊ جي بادشاه کي، "ايرن" جي قديم دارالحڪومت، تارا، ۾ پنهنجي بستري ۾ ائين سمو خواب رهڻو نه هو، جو سج اپري وڃيس، اربع ڏينهن ماڻ برف جڳهه وٽ ڪيس گهوڙي تان هيٺ لهڻ جي ممانعت ٿيل هئي، سج غروب ٿيڻ بعد ڪيس ماڻ ڪنڌين رستي تي هلڻو نه هو، فان چوسٽر وٽ گهوڙي کي طيش ۾ آڻڻ، بيلٽين واريءَ تقريب (مئي ڊي) کان پوءِ ايندڙ سومر ڏينهن پاڻيءَ تي جهاز ۾ سفر ڪرڻ، ۽ آل هئلوز تقريب واري ڏينهن کان پوءِ ايندڙ اڱاري تي ائٽ مائڪني جڳهه وٽ پنهنجي لشڪر کان جدا ٿي وڃڻ هن لاءِ ممنوع هئا. لينسٽر جي بادشاه کي اربع جي ڏينهن توات لائڪين جي چوگرد ڊائي هٽ کان چڪر لڳائڻ، ڊوئيٽر ۽ ڊئيلن جي درميان هڪ طرف مٿو لاڙي سمهڻ، ڪنالان جي ميدان ۾ نون ڏينهن تائين چانوڻي هڻي ويهي رهڻ، ڊئيلن واريءَ شاهراه تي سومر جي ڏينهن سفر ڪرڻ ۽ ماڻ مائسٽين ولان ڪارين ڪچن واري گدلي گهوڙي تي سواريءَ ڪرڻ کان سخت منع ٿيل هئي. منسٽر جي بادشاه کي هڪ سومر کان وٺي ٻئي تائين "لاڪ لين" جي دعوت مان يڪي مزي وٺڻ جي ممانعت ٿيل هئي، لاباري جي شروعات وقت ليٽريچا وٽ گيم جي ساموهن رات جو محفل ڪرڻ، سيٽير تي نون ڏينهن لاءِ چانوڻي هڻڻ، ۽ گاپران وٽ سرحدي ميڙ ڪوٺائڻ کان سخت منع ٿيل هئي. ڪونات جي بادشاه کي "آل هئلوز" واري ڏينهن تي صلح ڪرڻ کان پوءِ ڪروٺاچان واري قديم محلات متعلق ڪنهن به معاهدي طئي ڪرڻ، دال چائس جي چراگاه ڏانهن چيڊار ڪپڙن ۾ ملبوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ۽ چيٽن واري گهوڙي تي سوار ٿي وڃن، سيفائس وٽ عورتن جي ڪنهن ميڙ ڏانهن وڃن ۽ ائٽ گالٽا وٽ ٻن ٽنين جي درميان خاڪي رنگ جي ڪاٺي گهوڙي جي سوار سان شرط پچائڻ کان منع ٿيل هوندي هئي. السٽر جي بادشاه کي رات لائين وٽ ڊال ارائيڊ جي نوجوانن جي گهوڙن جي ميلي ۾ شريڪ ٿين، لنسيليچ جي پڪين جي ولرن جي ڦڙڦڙ کي سج غروب ٿيڻ کان پوءِ پڌن، ڊيئر مڪ ڊيئر جي ڊگهي واري تقريب ملهائن، مارچ مهيني جي دوران ۾ ماف ڪويا ٻيلي ڏانهن وڃن ۽ چند جا پهريان پندرهن ڏينهن بڪنيمڊ نديءَ جي پاڻيءَ پيئڻ کان ممانعت ٿيل هئي. آئرلنڊ جا بادشاه جيڪڏهن انهن ۽ ٻين گهٽين اهڙين رسمن تي، جن تي تعميل ڪرڻ بابت قديم قديم! زماني کان ولي کين حڪم ٿيل هو، هن سبب ڪري سختيءَ سان عمل پيرا هوندا هئا، جو ڪين خاطري هوندي هئي ته ائين ڪرڻ ڪري هو ڪنهن به حادثي يا بدبختيءَ ۾ ڪڏهن مبتلا ڪونه ٿيندا، پڌاپي جي ضعف محسوس ڪرڻ کان سواءِ نوي سالن جي عمر کي وڃي رسندا، سندن حڪومت جي دوران ۾ ڪوبه وبائي مرض يا موت واقع ڪونه ٿيندو، ۽ موسمون خوشگوار ٿيندين ۽ ڏرتي جهجها ميوا ڏيندي، پر جيڪڏهن هو انهن رسمن ۽ رواجن جي پرواه نه ڪندا، ته ملڪ ۾ مرض، ڏڪار ۽ خطرناڪ آب و هوا ۽ ٻيون اهڙيون پيانڪ مصيبتون اچي منهن ڏيندين.

مصر جي بادشاهن کي ديوتائون ڪري پوڄيو ويندو هو ۽ سندن روزمره جي زندگيءَ جي معمول کي تفصيلوار نموني سان پاڪل پورن ۽ اڻل قاعدن قانونن سان هلايو ويندو هو. ڊيئوڊورس چوي ٿو ته "مصر جي بادشاهن جي زندگي ٻين حڪمرانن وانگر ڪانه هئي، جي غيرَ ذميدار هوندا آهن ۽ سيڪجهه پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڪندا وتندا آهن، ان جيَ برعڪس، هنن لاءِ هر چيز قانوني طور مقرر ٿيل هوندي هئي— نه فقط سندن متصبي فرض، پر انهن جي روزمره جي زندگيءَ جا تفصيل ۾ ... ڏينهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جا اهي ڪلاڪ ۾ مقرر ٿيل هوندا آهن، جڏهن بادشاهه ڪي، پنهنجيءَ مرضيءَ موجب نه پر ڪن مقرر ۽ منظور ٿيل قانونن مطابق، ڪي خاص ڪم ڪرڻا هئا ... جو تہ هن لاءِ نہ فقط اهي وقت مقرر ٿيل هوندا هئا، جڏهن ڪيس حڪومت جو ڪاروبار هلائڻو هوندو هو يا فيصلا ڪرڻا هوندا هئا، پر اهي وقت ۽ طيءَ ٿيل هوندا هئا، جڏهن بادشاهه کي کائڻو، گهمڻو ۽ زال سان سمهڻو هوندو هو... ٻوري ۽ ڪٽي ڇڏجي تہ سندس زندگيءَ جي هرهڪ ڪم ڪرڻ لاءِ وقت مقرر ٿيل هو، رواج موجب ڪيس سادو ڪاڏو ڪائڻو هوندو هو، گوشت فقط وڇيري ۽ آڙيءَ جو کائڻو هوس، ۽ شراب جي بہ مقرر مقدار پيئڻ جي اجازت هوندي هيس." بهرحال، هن قياس ڪرڻ لاءِ آسان وٽ سبب آهن تہ انهن قانونن تي مصر جا قديم فرعون نہ پر اهي "پوڄاري بادشاهه" عمل ڪندا هئا، جي "ويهين شاهي خاندان" جي ختم ٿيڻ واري وقت ٽيبس ۽ حبش جي سرزمين تي حڪومت ڪندا هئا.

پوڄارين تي عائد ٿيل پابندين جو روشن مثال آسان ڪي روم واري فلمن ڏيالس جي زندگيءَ جي قانونن مان ملي ٿو، جنهن ڪي جوپيٽر ديوتا جو جيئرو جاڳندو نمائندو يا آسماني روح جو اوتار ڪري سڃيو ويو آهي. اهي قانون هيٺين نموني جا هئا: فلمن ڏيالس ڪي ڪنهن بہ گهوڙي تي سواري نہ ڪرڻي هئي، حتيٰ ڪ ان ڪي ڪنهن گهوڙي کي هٿ بہ ڪونہ لائڻو هو، نہ وري ڪيس هٿياربند لشکر کي ڏسڻو هو، ڪيس ڪنهن بہ اهڙيءَ منڊيءَ پائڻ جي اجازت ڪانہ هئي، جا ڪٽان بہ ٻڪرل نہ هجي، سندس ڪپڙن جي ڪنهن بہ حصي ۽ ڪا نہ ڪا ڳنڍ ٻڌل هئڻ گهرجي هئي، سندس گهر مان مقدس باه ڪان علاوه ٻيءَ ڪنهن بہ باه کي ڪٽي باهر نہ وڃي سگهبو هو، ڪڪڙ جي انڊي يا خميري جي مانيءَ کي هٿ ڪونہ لائڻو هوندو هوس. ٻکريءَ، ڪتي، ڪچي گوشت، مڙن جي ڦرين، ۽ ڪن خاص گلن کي هٿ لائڻ يا انهن جي نالن وٺڻ جي ڪيس ممانعت هئي، انگور جي ول هيٺان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي گهمڻ جي اجازت ڪانه هئي، سندس ڪٽ جي پاڻ کي هيڻان ۽ چوڌاري مٽي ڦٽي ويندي هئي، سندس وارن کي صرف هڪ آزاد ماڻهو ڪنجهي جي چاقوءَ سان ڪٽي سگهندو هو، ۽ سندس وار ۽ ٽڻهن ويڄڻ کان پوءِ ڪنهن بختاور وٽ هيڻان دفن ڪيا ويندا هئا، مرده جسم کي هٿ لائڻ کان ڪيس منع هوندي هئي، ۽ اهڙيءَ جاءِ ۾ هن کي ڪڍهين ۾ داخل ٿيڻو نه هو، جنهن ۾ کو مردو ساڙيو ويو هجي، مقدس ڏينهن تي هن کي ڪنهن کي ۾ ڪم ڪندي نه ڏسڻ گهربو هو، ڪليل هوا ۾ سندس بدن کي ڪڍهن ۾ اگهاڙو نه ٿيڻ ڏيندو هو، جيڪڏهن زنجيرن ۾ جڪڑيل ڪنهن شخص کي سندس گهر ۾ آندو ويندو هو، ته ان کي هڪدم آزاد ڪيو ويندو هو، ۽ اهي زنجير سندس چت ۾ نڪتل هڪ سوراخ مان مٽي چڪي، باهر اڇلائڻا پوندا هئا. سندس زال، ڦائمينيڪا، کي ۾ ڪن وڌيڪ پنهنجي مخصوص قاعدن کان علاوه، انهن ساڳين قاعدن جي ۾ تعميل ڪرڻي پوندي هئي. هن کي اهڙيءَ ڏاکڻ تان، جنهن کي "يوناني" سڏيو ويندو هو، ٽن کان وڌيڪ ڏاڪا ڪڍهن ۾ نه چڙهڻا هئا، هڪڙي اهڙي ۾ تقريب هوندي هئي، جنهن تي کيس وارن ۾ ڦٽي ڏيڻ جي جهل هئي، سندس جتيون اهڙي جانور جي چمڙي مان نه ٺهن گهربيون هيون، جو قدرتي موت مئو هجي، پر فقط اهڙي جانور جي چمڙي مان ٺاهيون ويندیون هيون، جنهن کي ذبح يا قربان ڪيو ويو هجي، جيڪڏهن سندس ڪن تي گجگوڙ جو آواز پئجي ويندو هو، ته جيسين هوءَ قرباني ڏيئي توبهه تائب نه ٿيندي هئي، تيسين کيس هٽ ڏئن، ڏسن، سندس ڳالهاهه ٻڌن يا ساڻس ڳالهائين، وغيره، ڏوه سمجهيو ويندو هو.

سائرا ليئون جي گريبو قوم وارن ۾ هڪ سردار آهي، جنهن جو لقب "نوديا" آهي، جنهن کي خواهمخواه يهودين جي وڏي پادريءَ سان تشبيهه ڏني ويئي آهي: هن کي "غيبي آواز جي حڪم" تي انهيءَ منصب تي فائز ڪيو ويندو آهي. سندس گادي نشينيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موقعي تي هڪ ڏکڻي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، ۽ سندس بدن تي مقدس تيل لڳائي، پير جي سُري ۾ هڪ ڪنگڻ وڌو ويندو آهي، جو سندس منصب جي علامت هوندو آهي، ۽ سندس گهر جي دروازي جي ٻنهين کي قربان ٿيل ٻڪريءَ جي رت سان ٽڪيو ويندو آهي. پهلڪ جا طلسم ۽ بت سندس حفاظت هيٺ هوندا آهن، جن کي هو هر نئين چنڊ تي چانور ۽ تيل کارائيندو آهي، سڄي شهر پاران هو سڀ ماڻهن ۽ پوٽن جي نالي ۾ قرباني ڏيندو آهي. نالي طور هن جون اختياريون تمام گهٽيون، پر حقيقت ۾ بلڪل بحدود آهن، چو ته عوام جي ڪنهن به راءِ جي هو مخالفت ڪري ڪونه سگهندو آهي. ۽ جڏهن ملڪ تي ڪا به مصيبت نازل ٿيندي آهي، تڏهن ان لاءِ ڪيس ٿي ذميوار ٺهرايو ويندو آهي، ۽ ڪن وقتن تي انهيءَ ڏوهه ۾ ڪيس پنهنجيءَ جان تان به هٿ ڏوئڻا پوندا آهن. منجهس اها توقع رکي ويندي آهي ته هو ڏرتيءَ مان پرهوز ۽ اڻ ميا فصل پيدا ڪري، ماڻهن کي تندرست رکي، جنگ و جدل کي ملڪ کان دور رکي ۽ جادوءَ جنتر جي اثر کي زائل ڪري. سندس سڄي زندگي ڪن عجيب و غريب بندشن ۽ پابندين جي ڄار ۾ وڇڙيل ۽ قائل رهي ٿي. چنانچه ڪيس پنهنجي سرڪاري گهر کان سواءِ، جنهن کي هن جي گادي نشينيءَ وقت پاڻ تيل لڳائڻ جي رسم سبب "سَڪيل گهر" سڏيو ويندو آهي، ٻئي ڪنهن به گهر ۾ سمهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. عام شاهراه تي هن کي پاڻي پيئڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. جيسين شهر اندر کو جنازو موجود هوندو آهي، تيسين کيس کاڌو کائڻو ڪونه هوندو آهي ۽ نه وري ان کي ڪنهن مٽل ماڻهوءَ لاءِ ماتم ڪرڻو هوندو آهي. جيڪڏهن پنهنجي منصب تي فائز هٿ جي دوران ۾ سندس موت واقع ٿي پوندو آهي، ته پوءِ کيس اڌ رات جو دفن ڪرڻو پوندو آهي، سندس موت جي خبر ڪن ٻورن کي پوڻ گهرجي، ۽ جڏهن به سندس موت جي خبر ظاهر ڪئي ويندي آهي، تڏهن ڪنهن کي به ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موت تي ساتم ڪرڻ جي اجازت ڪانَ هوندي آهي. جيڪڏهن هو "سشي وود" (وڻ جو قسم) مان ڪيل زهر پيڻ جي آزمائش سبب مئو هوندو، تہ ان حالت ۾ ڪيس ڪنهن ڪسيءَ ۾ وهندڙ پاڻيءَ جي هيٺان دفن ڪيو ويندو آهي.

ڏکڻ هندستان جي ڪوڏا قبيلي واري ۾ مقدس ڏنار ڪي، جو مقدس واڙي جي پوجاريءَ جا فرض ۽ ادا ڪندو آهي، پنهنجي عهدي جي سڄي عرصي جي دوران ۾، جو متعدد سال تائين هلندو آهي، مختلف تڪليف ده ۽ دشوار رکاوٽن ۽ پابندين ۾ جڪڙي رکيو ويندو آهي. چنانچہ ڪيس مقدس واڙي ۾ ئي رهڻو پوندو آهي ۽ هن کي پنهنجي گهر يا ڪنهن بہ رواجي ڪوٺ ۾ وڃڻ جي اجازت ڪانَ هوندي آهي. هن کي لازمي طور مجرد رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن شادي شده آهي تہ ان صورت ۾ زال کي ترڪ ڪرڻو پوندو اٿس. ڪنهن بہ رواجي ماڻهوءَ کي مقدس ڏنار ۽ پاڪ واڙي کي هٿ لائڻ جي اجازت ڪانَ هوندي آهي، اهڙي هٿ لڳڻ سان هن جو تقدس ايتريقدر تہ ٽٽي پوندو، جو هن کي، پنهنجي اعليٰ عهدي تان محروم ٿيڻو پوندو. هفتي جي فقط ٻن ڏينهن، سومر ۽ خميس، تي رواجي ماڻهوءَ کي ڏنار جي نزديڪ وڃڻ جي اجازت هوندي آهي، ٻين ڏينهن تي، جيڪڏهن هن سان ڪنهن کي ڪو ڪم هوندو آهي، تہ ان صورت ۾ هن کي ڪانئس دور (ڪي چون ٿا تہ ميل جي چوٿين حصي تائين) بيهي، ايتري ساري مفاصلي وچان واڪا ڪري، هن تائين پنهنجو پيغام پهچائڻو پوندو آهي. ان کان علاوه اهو مقدس ڏنار جيسين انهيءَ منصب تي فائض هوندو آهي، تيسين هو پنهنجا وار ۽ نڪهن ڪونہ وڌائيندو آهي، هو ڪنهن بہ ندي ءَ کي پل تان پار ڪونہ ڪندو آهي، ۽ وهندڙ پاڻيءَ جي نهر مان، ۽ فقط ڪن خاص نهرن مان، جهاڳي پار وڃڻو پوندو اٿس. جيڪڏهن سندس قبيلي ۾ ڪو موت واقع ٿي پوندو آهي، تہ ڪيس جنازي جي ڪنهن بہ ڪرياڪرم ۾ شامل ٿيڻ جي تيسين اجازت ڪانَ هوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيسين هو پنهنجي عهدي تان استعفا ڏيئي، ڏار جي اعليٰ منصب تان هيٺ لهي، محض هڪ رواجي ۽ "فاني" انسان جي درجي تي اچي، درحقيقت، معلوم ٿئي ٿو ته پراڻي زماني ۾ ڄڏهن به سندس قبيلي جو ڪو ماڻهو هي ۽ فاني زندگي ڇڏي ابدي دنيا ڏانهن رخ ڪندو هو، تڏهن انهيءَ مقدس ڏنار کي پنهنجي عهدي جي مهرن، يعني ڪيڙ جي بالڻين تان درستبردار ٿيڻو پوندو هو. بهرحال اهي سيئي وزندار پابندين مڪمل طور فقط ڏاڙن جي اوچي طبقي وارن مٿان وڌيون ويندين آهن.

۲۔ روحاني اقتدار ۽ دنيوي اقتدار جي تفريق:

پوجاري-بادشاه جي عهدي سان هي جيڪي تڪليف ده پابندين وابستہ ڪيون ويون هيون، تن ڪيٽ پنهنجو فطرتي اثر پيدا ڪيو. هڪ طرف ماڻهو عهدي قبول ڪرڻ کان انڪاري ٿيڻ لڳا، جو ان کان پوءِ گهٽي عرصي تائين اڪثر حالتن ۾ خالي رهڻ لڳو، ٻئي طرف جن ان کي قبول ڪيو، اهي عهديدار ان جي جيڪالينڈر وزن هيڻان ڏيڄي ايڏا ته بيدل ۽ بي همت ٿي پيا ۽ ماڻهن جي هٿن ۾ قاسجي اهڙا ته بيڪار ۽ بي طاقت ٿيڄي ويا، جو سندن ضعيف هٿن مان حڪومت جون واڳون ڪسڪي آهستي آهستي اهڙن ماڻهن جي مضبوط گرفت ۾ اچي ويون، جي نالي ۾ صاحب اقتدار ته هئن هوندي به حقيقي اقتدار جا مالڪ ٿيڄي ويا، ۽ عملي طرح حڪومت جا اختيار هلائيندي ان صورتحال تي ڪافي عرصي تائين مطمئن رهيا. ٿينڈي ٿيندي، آخرڪار ڪن ملڪن ۾ اعليٰ اقتدار جي انهن بن سرچشمن جي تفريق ايتري گهري ۽ ايتري نمايان صورت وٺي ويهي رهي، جو روحاني ۽ دنيوي اختيارن ۾ مڪمل ۽ مستقل علحدگي اچي ويئي ۽ قديم "فوق البشري" خاندان فقط پنهنجا مذهبي فرائض پاڻ وٽ جهليا ۽ باقي ملڪي حڪومت جو دستوري ڪاروبار زياده جوان همت ۽ چست ٿيهيءَ واري ڪنهن ٻئي خاندان جي هٿن ۾ ملي ويو.

اچو ته پلا چند مثال وٺون. هن ڪتاب ۾ اڳي ڪٻي ايران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي آيا آهيون تہ ڪٿيوڏيا ۽ "ٻاھ ۽ ٻاڻيءَ جون بادشاهيون"۔ انهن جي بي‌دلين واڻڻ ستان گهٽو ڪري زوريءَ مڙهيون ويندیون هيون، ۽ سڀيڄ ٻڌن ۽ بادشاهي سرشتو درحقيقت ان ڪري ختم ٿي ويو، جو انهيءَ خطرناڪ اعزار قبول ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي آماده ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو هو۔ اولهہ آفريڪا جي ڪن علاقن ۾ جڏهن بادشاه سري ويندو آهي، تڏهن ان جي جانشين مقرر ڪرڻ لاءِ خفيہ طور هڪ خانداني ميڙ ڪوٺايو ويندو آهي۔ ٻوءِ جنهن جو انتخاب ڪيو ويندو آهي، تنهن کي اوچتو ئي اوچتو پڪڑي، ٻڌي، سردار واري گهر ۾ قيد ڪيو ويندو آهي، جتي ڪيس ان وقت تائين قيد رکيو ويندو آهي، جيسين هو تاج پهرڻ قبول ڪري۔ ڪڏهن ڪڏهن تخت ۽ تاج جو وارث انهيءَ اعزاز کي ٽارڻ جا ذريعا ڳولي وڃهندو آهي۔ جنهن جي زبردستيءَ ستائيس مڙهن جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، هڪ بهادر ۽ هاهت وحشي سردار لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو هر وقت هٿيار ٻنهوار ٻاڻ سان ڪنيو گهمندو هو۔ تہ ستان ڪنهن وقت ڪيس زوريءَ تخت تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي۔ سائراليئون جا وحشي، ٽائيمس قبيلي وارا، جي پنهنجو بادشاہ منتخب ڪندا آهن، ان کي تاجپوشيءَ واريءَ شام جو مار ڪيڻ جو حق ٻاڻ وٽ محفوظ رکندا آهن ۽ هو پنهنجي انهيءَ آئيني رعايت مان اهڙو تہ پربور فائدو وٺندا آهن، جو ڪڏهن ڪڏهن اهو بدنصيب بادشاه تخت نشينيءَ جي اعزاز ملڻ کان پوءِ ڪو ٽوڙو ئي وقت جيئرو رهي سگهندو آهي۔ چنانچہ جڏهن ڪن اعلي سردارن کي ڪنهن ماٺهوءَ مان ويڙ پاڙڻو هوندو آهي ته ان مان پنهنجي جان ڇڏائڻ جو ارادو ڪوندو اٿن، تڏهن هو ان کي بادشاه ڪري چونڊيندا آهن۔ اڳئين زماني ۾، سائراليئون جي ڪنهن نئين بادشاه جي اعلان ڪرڻ کان اڳ ان کي زنجيرن سان جڪڙي مار ڪيڻ جو رواج هوندو هو۔ ان کان پوءِ زنجير ٽوڙيا ويندا هئا ۽ ڪيس شاهي پوشاڪ پهرائي سندس هٿ ۾ شاهي ديدڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نشان ڏنو ويندو هو، جو وري هڪ جلاد جي کهاڙي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ڪوٽ هوندو هو. چنانچہ هي گالهہ پڙهي ڪنهن کي بہ تعجب ڪونہ ٿيندو تہ سائرالينڊ ۾ جتي اهڙا رواج عام جاري آهن، "سواءِ مٿينءَ ڪنگو ۽ سوزي قبيلن جي، ڪي ٻيا قبيلا آهن جن جا بادشاه سندن پنهنجي قبيلي جا يا سندن ملڪ جا باشندا آهن. انهيءَ باري ۾ سندن خيال اسان جي خيالن کان اهڙا تہ مختلف آهن، جو انهن ڪان ڪي ٻيا انهيءَ اعزاز حاصل ڪرڻ جا خواهشمند هوندا آهن، ۽ ان لاءِ چتاپيٽيءَ جو تہ ڪنهن ناڙو ئي مشڪل پڌو آهي"

معلوم ٿئي ٿو تہ جهان جي ميڪاڊو بادشاهن ڪافي اوائلي زمانن ڪان پنهنجي اعليٰ اختيارات جي گرين ذميدارين ۽ پرخطر اعزازن ڪي پنهنجن معصوم ٻارن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏڻ جو ڏنگ اختيار ڪيو هو، ٽائڪون خاندان وارن جي اقتدار حاصل ڪرڻ جو شجرو جي ڳهڻي عرصي تائين جهان جا دنيوي معاملات ۾ حڪمران رهيا آهن، هڪ ڏن سالن جي عمر واري "ميڪاڊو" سان ويجي ملي ٿو، جنهن جي حق ۾ سندس پيءَ سواءِ ڪنهن خاص سبب جي دستبرداريءَ جو اعلان ڪيو هو. ان معصوم شهزادي کان جڏهن هڪ غاصب حڪومت ڪسي ان جو حق ڦاڙيو، تڏهن يوري ٽوسو ٽالي هڪ جوشيلي ۽ باڪردار شخص ميڪاڊو جي حق واپس ڪرائڻ جو ذمو پنهنجي ٻاڻ ڪنيو ۽ هن غاصب کي شڪست ڏيئي ميڪاڊو کي ٽالي ماتر اختيارات جو فقط سايو بخشي، حقيقي اقتدار پنهنجي قبضي ۾ رکيو. ائين جيڪو درجو هن پنهنجي لاءِ حاصل ڪيو هو، سو هن مرڻ بعد پنهنجن وارثن کي سونپيو ۽ اهڙيءَ طرح هو "ٽائڪون" خاندان جو بنياد وجهندڙ ٿي ٻيو. سورهين صديءَ جي پوئين اڌ تائين ٽائڪون خاندان وارا نهايت سرگرم ۽ هوشيار حڪمران رهيا. پر انهن جو انجام بہ آخرڪار اهوئي ٿيو، جو ميڪاڊو بادشاهن جو ٿيو هو. رسم و رواج ۽ قاعدن قانونن جي مضبوط جال ۾ وکوڙجي، هنن محض بيجان ڪڏن جي حيثيت ويجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيار ڪئي، جي ڪنهن به وقت پنهنجن محلاتن کان باهر نہ نڪرندا هئا ۽ سڄو وقت بي معنيٰ ۽ اجاين رسمن جي مستقل چڪر جي ادائگيءَ ۾ مصروف رهندا هئا، ۽ حڪومت جي حقيقي ڪاروبار جو انتظام هڪ ڪائونسل آف اسٽيٽ ڪندي هئي. ٽونڪين قبيلي وارن ۾ به بادشاهي نظام اڃهو انهيءَ رستي ختم ٿيو. پنهنجن پيشرو بادشاهن وانگر نامرديءَ ۽ سستيءَ ۾ وقت ضايع ڪرڻ سبب، بادشاه کي مٽڪ نالي هڪ وزير، موقع ڏسڻ بانڪي، جو هڪ مهاڻي جي درجي کان ترقي ڪري، امپيريل سول سروس جي گريڊ سنڊرين واري، اعليٰ عهدي کي وڃي رسيو هو، تخت ٽاڻ هڪالي ڪڍيو. ۽ بادشاه جي ياڻ، ترنگ، غاصب کي ڏياڻي بادشاه کي، دوباره تخت وٺي ڏنو، ۽ انهيءَ خدمت جي معاوضي طور هن پاڻ ۽ پنهنجن وارثن لاءِ سڀني فوجن جي اعليٰ سپهه سالار جو منصب مخصوص ڪيو. ان کان پوءِ بادشاهيءَ جي لقب ۽ شان و مان هئڻ جي باوجود، ملڪ جا بادشاه حڪمراني هلائڻ کان محروم ٿي ويا. هو پنهنجو سڄو وقت محلاتن جي عياشيءَ ۽ آرام جي گوشه نشينيءَ ۽ تنهائيءَ ۾ گذارينداَ زهيا ۽ هوڏانهن سڄي سياسي اختياري موروثي سپهه سالار هلائڻ لڳا.

بوليشيا جي پٽن مان مٽگنائيا نالي هڪ پيٽ ۾ ملڪي ۽ مذهبي اختيارين جدا جدا ماڻهن کي سونپيل هيون، جن مان روحاني فرائض موروثي بادشاهن جي، هڪ خاندان وارا ادا ڪندا هئا، ۽ دنيوي حڪومت وقت بوقت هڪ ڪامياب جنگي سپه سالار جي سپرد ڪئي ويندي هئي، جنهن جي تخت نشينيءَ جي رسم، بهر صورت، بادشاه ئي ادا ڪندو هو. ساڳيءَ طرح ٽونگا ۾، سياسي بادشاه کان علاوه، جنهن جو تخت ۽ تاج جو حق ڪجهه قدر موروثي هوندو هو ۽ ڪجهه قدر سندس بهادريءَ ۽ جنگي هنرَ خصلت جي شهرت ۽ سندس جنگجو ماڻهن جي تعداد تي منحصر هو، هڪ وڏو روحاني پيشوا به هوندو هو، جنهن جو درجو هڪ عظيم ديوتا جي پشت مان جنم وٺڻ سبب بادشاه ۽ ٻين سردارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پ اعلیٰ ۽ ارفع هوء سال ۾ هڪ دفعو سنجيده سائن سوڻن سان زمين جا پهريان ڦل کيس نذراني طور پيش ڪيا ويندا هئا ۽ مائهن کي اهو ويساه هوندو هو ته جيڪڏهن اهي نذرانا ان کي نه آڇيا ويندا ته ان جو انتقام مائهن مٿان نمايان نموني ۾ اچي ڪرڪندو. هن جو ذڪر ڪندي پولي ۽ جو هڪ خاص طريقو استعمال ڪيو ويندو هو، جو ٻئي ڪنهن جي به حالت ۾ ڪيئن ڪونه آندو ويندو هو، ۽ جنهن شيءَ کي به هو اتفاق سان ڇهي وجهندو هو، سا مقدس ٿي پوندي هئي، ۽ پوءِ ان کي ان جي ڇهڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. جڏهن هو ۽ بادشاه ٻاڻ ۾ ڪٿي ملندا هئا، تڏهن بادشاه کي ان جي تعظيم و تڪريم ڪرڻ خاطر تيسين زمين تي هيٺ ويهڻو پوندو هو، جيسين اها مقدس هستي اتان اڏي وڃي نه ٿي. ۽ جيتوڻيڪ هن کي سندس ديوتائي حسب نسب سبب اعليٰ ترين عزت ۽ آبرو ڏني ويندي هئي، ان جي باوجود هن مقدس شخصيت کي ڪابه سياسي اختياري دليل ڪانه هئي، ۽ جيڪڏهن هو مملڪت جي ڪاروبار ۾ مداخلت ڪرڻ جي جسارت ڪندو هو، ته کيس بادشاه وٽان جو حقيقي اقتدار جو مالڪ هوندو هو (۽ جو آخرڪار پنهنجي هن روحاني رقيب کان جان ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو)، سخت تنبيهه ملڻ جو خطرو لاحق هوندو هو.

اولهه آفريڪا جي ڪن علائقن ۾، بادشاه هڪ ئي وقت حڪمراني ڪندا آهن، جن مان هڪ درويش يا روحاني بادشاه ۽ ٻيو سياسي حاڪم هوندو آهي. هن حالت ۾ روحاني بادشاهه جو درجو زياده اوچو آهي ۽ هو آب هوا وغيره تي ضابطو رکندو آهي، ۽ جي چاهيندو آهي، ته هر شيءَ کي ختم ڪري سگهندو آهي. جڏهن هو پنهنجي ڪاڙهي لٽ زمين تي رکندو آهي، تڏهن ان رستي تان لنگهڻ جي ڪنهن کي به اجازت ڪانه هوندي آهي. حبشي جي اصلي تهذيب و تمدن کي پنهنجي حالت ۾، بغير ڪنهن ٻاجائز مداخلت جي، چڏيو ويو آهي، اتي مقدس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهن ۾ ملڪي بادشاهن جي اقتدار جي تقسيم جو مثال هرهنڌ
۾ موجود ملي ٿو. اڄ جيتي، حبشين جي اصلوڪي معاشري ۾، ڏاهوءِ
۾ اشانتي قبيلن وانگر، ڪو خلل وڏو ويو آهي، جو انهي قسمن
جي اختيارن کي هڪ ئي بادشاه جي وجود ۾ مرڪوز ڪرڻ جو
رجحان پيدا ٿيندي ڏٺو ويو آهي.

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ملازمن ٽالي هڪ پٽ ۾ اسان کي اقتدار
جي ٻاڪي ٻي تقسيم نظر اچي ٿي، جنهن جي اولهه آفريڪا جا
ملڪي ۽ مذهبي بادشاه نمائندگي ڪن ٿا. ٽيمور پٽ ۾ آباد
ٽيل چند قبيلا ٻن حاڪمن کي تسليم ڪندا آهن، جن مان هڪ
رواجي يا سول حاڪم آهي، جو رعايا تي راڄ ڪندو آهي، ۽ جنهن
احترام يا "پرهيزگار" حاڪم آهي، جنهن کي هن زمين ۽ ان جي پيدوار
سان واسطو هر شيءَ جي ضابطي سان واسطو آهي. انهيءَ آخرالذڪر
حاڪم کي هر شيءَ تي پابندي عائد ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ جو
حق حاصل آهي، ٽئين زمين تي هر هلائڻ ۽ ان کي زيرڪاشت
آڻڻ کان اڳ، هن جي اجازت وٺڻ لازمي آهي، ۽ ڪم جي
دوران ۾ ڪيس کي ضروري رسمون لازمي طرح ادا ڪرڻيون هونديون
آهن. جيڪڏهن فصل کي خشڪسالي يا بيماريءَ جو انديشو
هوندو آهي، تہ ان کي بچائڻ لاءِ هن کي امداد لاءِ پڪاريو ويندو
آهي. جيتوڻيڪ هن جو درجو ملڪي معاملات واري حاڪم کان
گهٽ آهي، ان جي باوجود هو ملڪي معاملات تي تمام گهڻيءَ
حد تائين حاوي ۽ اثر انداز هوندو آهي، جو سندس دنيوي رفيقڪار
کي سڀني اهم معاملن ۾ هن جو مشورو ضرور وٺڻو پوندو آهي،
روڪي ۽ اوپر فلورس جهڙن پاسي وارن جزيرن ۾ ساڳئي قسم جي
روحاني اڳواڻ کي مختلف مقامي نالن سان، جن سڀني جي
معنيٰ "زمين جو مالڪ" هوندي آهي، تسليم ڪيو ويندو آهي.
ساڳيءَ طرح برٽش نيو گائنا جي ميڪيئو ضلعي ۾ "پٽي قسم جي
سرداريءَ" جو سرشتو مروج آهي. اتان جو عوام، خاندانن مطابق
ٽن گروهن ۾ تقسيم ٿيل هوندو آهي، ۽ هرهڪ گروه کي پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهنجو سردار هوندو آهي. ٻنهي مان هڪ جنگي ۽ ٻيو مذهبي پيشوا هوندو آهي. آخرالذڪر سردار جو عهدو موروثي هوندو آهي، هن جي فرض ٻان هڪ ٻي آهي ته جڏهن به چاهي تڏهن نازيلن سوپارين ۽ ٻين اهڙن فصلن تي بندش وجهي سگهي ٿو، بشرطيڪ انهن جي استعمال تي عام روڪ وجهڻ هو ضروري سمجهي. سندس منصب پر اسان کي شايد "پوجاري-بادشاه" جي خاندان جي آغاز جي آثارن جو سراغ ملي وڃي. پر هن جا قرض ادا ڪرڻ مذهبي نوعيت کان زياده جادوءَ جي نوعيت جا نظر اچن ٿا، جو تنهن جو واسطو اعليٰ قوتن جي رضامندي حاصل ڪرڻ کان زياده فصلن جي پوکڻ، فصلن جي لاڻ، آبپاشي ۽ برسات وغيره تي قبضي ۽ ضابطي رکڻ سان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ارڙهون

روح کي خطرا

۱۔ روح نندڙي ماڻهوءَ جي صورت ۾: مڃين مثالن مان اسان کي معلوم ٿيو آهي ته مقدس بادشاه يا پوڄاريءَ جو عهدو انتهائي تڪليف ده ۽ فضول رسمن ۽ بندشن جي هڪ اڻ کٽ سلسلي ۾ ٻڌل ۽ وڇڙيل رهي ٿو، جن مقصدن ۽ مطلبن سان اهي رسمون ادا ڪيون ويون ٿيون، تن مان ڪيترا مقصد انهيءَ ديوتا روپ ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي محفوظ رکڻ جو آهي. پر جيڪڏهن انهن بندشن ۽ پابندين جو ڪيترا مقصد انهيءَ ماڻهوءَ جي حياتي بچائڻ جو آهي، ته پوءِ سوال ائين ٿو ته انهن رسمن جي ادائگي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي نموني اثر انداز ٿئي ٿي؟ انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي پهريائين هي معلوم ڪرڻ گهرجي ته بادشاه جي زندگي جن خطرن ۽ خوفن ۾ ويڙهيل رهي ٿي ۽ جن کان ڪيئن بچائڻ لاءِ انهيءَ قسم جون عجيب و غريب بندشون ۽ رڪاوٽون مقرر ڪيل آهن، تن جي نوعيت ڪهڙي آهي. ان ڪري اسان کي پهريائين هي سوال دريافت ڪرڻ گهرجي ته اوائلي وحشيءَ جي خيال موجب موت ڇا آهي؟ اهو ڪهڙن سببن ڪري واقع ٿئي ٿو؟ موت کي ٽارڻ لاءِ هو ڪهڙن اپائن کي اختيار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهي؟

جيئن ته هڪ وحشي عام طرح ائين سمجهي ٿو ته قدرت جي ڪارخاني جي بيجان ڪل پرزن کي ڪي زنده هستيون غيبي پردي پٺيان هلائي رهيون آهن، جن جي ڪري اهي پوري وقت تي، نهايت باقاعدگيءَ سان پنهنجا نتيجا ظاهر ڪري رهيا آهن، اهڙي ٿي نموني سان هو ائين سمجهي ٿو ته جانور ۽ انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کري زنده رهي ۽ چرپر کري سگهن ٿا. جو انهن جي جسم اندر هڪ ننڍڙي هستي (جانور يا انسان جهڙي) ويٺي آهي، جيڪا هنن کي هلائي چلائي رهي آهي. ماڻهوءَ اندر اهو ننڍڙو ماڻهو ۽ جانور اندر اهو ننڍڙو جانور روح آهي. جيئن ته انسان يا جانور جي جسم جي حرڪت ۽ چرپر، ان جي روح جي موجودگيءَ جي باعث سمجهي وڃي ٿي، تيئن ننڊ يا موت جي بي حسيءَ ۽ سڪتي جو سبب روح جي غير موجودگيءَ کي سمجهيو وڃي ٿو. ننڊ يا بيهوشي روح جي عارضي غير موجودگيءَ ڪري ۽ موت ان جي مستقل ۽ دائمي غير حاضريءَ ڪري واقع ٿئي ٿو. چنانچه جيڪڏهن موت روح جي مستقل غير حاضريءَ سبب واقع ٿئي ٿو، ته موت کان ڪنهن کي بچائڻ لاءِ يا ته روح کي هن جي جسم مان باهر نڪرڻ کان روڪيو وڃي، يا جيڪڏهن اهو نڪري وڃي، ته ان جي ڦيٿي واپسيءَ لاءِ کي موٽڻ لاءِ اختيار ڪرڻ گهرجن. انهن ٻنهي مقصدن مان ڪنهن به هڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ وحشي جيڪي احتياطي تدبيرون اختيار ڪري ٿو، مي انهن بندشن ۽ رڪاوٽن جي صورت اختيار ڪن ٿيون. جي روح جي مستقل موجودگيءَ يا ان جي واپسيءَ لاءِ خاطري ڪرڻ واسطي لازمي قانون ۽ قاعدا آهن. ٿوري ۾ چنجي ته اهي قانون زندگيءَ جا راکا يا محافظ آهن. اچو ته هاڻي ان باري ۾ ڪن عملي مثالن تي غور ڪريون.

آسٽريليا جي ڪن ڪالهين وحشين کي خطاب ڪندي هڪ دفعي ڪنهن عيسائي مبلغ انهن کي چيو ته "آءٌ ڪوهه ڪوٽ آهيان جيئن اوهين سمجهو ٿا. پر آءٌ ٻه آهيان." "انهيءَ ڄاڻ تي وحشي زور زور سان کلڻ لڳا. جنهن تي عيسائيءَ گرم ٿي هنن کي چيو ته "اوهين ڇلي ڪيترو ئي کلو، پر آءٌ وري به چوان ٿو ته آءٌ هڪ جسم اندر ٻن هستين جو مالڪ آهيان. اوهين جيڪو ڏسندجو هيڏو مارو جسم ڏسي رهيا آهيو، سو برابر هڪ آهي. ان جي اندر هڪ ٻيو ننڍڙو جسم به آهي، جو اوهان کي نظر نٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي، وڏو جسم مري وڃي ٿو ۽ دفن ٿئي ٿو، پر ان جي اندر رهندڙ ننڍڙو جسم ان وقت اڏامي هليو وڃي ٿو، جنهن مهل وڏو جسم مري ٿو" اها ڪالهه ٻڌي ٻڌي ڪن سياه‌فام ماڻهن جواب ڏنو ته "ها، ها، اسين ب پ آهيون، اسان جي سيني ۾ ب هڪ ننڍڙو جسم موجود آهي". جڏهن ڪائٽن دريافت ڪيو ويو ته موت کان پوءِ اهو ننڍڙو جسم ڪيڏانهن ٿو وڃي، تڏهن منجهانئن ڪن جواب ڏنو ته اهو ٻوڙن جي ٻڌيان لڪي ويندو آهي، ڪن چيو ته سمنڊ ۾ هليو ويندو آهي، ته ٻين وري چيو ته اسان کي خبر ناهي. امريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جي هوران قبيلي وارا ب اڃين سمجهندا هُٿا ته روح کي ٻانهون ۽ ٽنگون آهن ۽ درحقيقت اهو پتڪڙيءَ صورت ۾ ماڻهوءَ جو هڪ بلڪل مڪمل نمونو آهي. قطبن ۾ رهندڙ ايسڪيمو قبائل چوندا آهن ته "روح جي شڪل بلڪل اهڙي نموني جي هوندي آهي، جهڙي انهيءَ ماڻهوءَ جي، جنهن جو اهو روح هوندو آهي، پر ان ۾ رڳو هيءَ فرق هوندو آهي جو روح جو جسم انسان جي خاڪي جسم کان زياده لطيف ۽ هلڪو هوندو آهي." نوٽڪا قبيلي وارا چوندا آهن ته روح جي شڪل ننڍڙي ماڻهوءَ جهڙي هوندي آهي ۽ ان جي رهڻ جي جاءِ ماڻهوءَ جي مٿي ۾ هوندي آهي. جيسين اهو ننڍڙو ماڻهو سڏو سنئون ٻيٺو هوندو آهي، تيسين ماڻهوءَ کي ڪا بيماري يا پي ڪا جسماني گڙٻڙ ڪانه ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن اهو ڪنهن به سبب ڪري هيٺ ڪري ٿو يا پاسيرو ٿي پوي ٿو، ته ماڻهو بيوش ٿي وڃي ٿو. لوئر فريزر درياه جي ڪناڻ تي رهندڙ ڪاڙها هندستاني چوندا آهن ته ماڻهوءَ کي چار روح ٿين ٿا، جن مان جيڪو وڏو ۽ مکيه روح آهي، تنهن جي شڪل شبيه هڪ ننڍڙي ماڻهوءَ وانگر ٿيندي آهي ۽ باقي ٽي ان جا ڀاڄا هوندا آهن. ملايا وارا چوندا آهن ته انساني روح هوبهو ماڻهوءَ جي صورت جهڙو، پر هٿ جي آڱولي جيترڙو هوندو آهي، صورت ۾ گهٽو ڪري ان ماڻهوءَ وانگر ٿئي ٿو، جنهن جي جسم اندر اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي ٿو. اهو "نندڙو ماڻهو" سنهو ۽ لطيف ٿئي ٿو ۽ هڪ جاءِ کان بيءَ تائين تمام جلد اچي وڃي سگهي ٿو. نند، بيماريءَ ۽ بيهوشيءَ جي عالم ۾ اهو عارضي طور غير حاضر رهي ٿو. هر سوت جي صورت ۾ هميشه لاءِ انساني جسم کي ڇڏي وڃي ٿو.

اهو "نندڙو ماڻهو" يعني روح وڏي ماڻهوءَ سان اهڙي مڪمل مشابهت رکي ٿو. جو جهڙيءَ طرح سنها ۽ ٽلها جسم ٽين ٽا ـ اهڙي ئي نموني سنها ۽ ٽلها روح به ٽين ٽا. جهڙيءَ طرح انساني بدن گرا ۽ هلکا، ڏگها ۽ بندرا ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح روح به گرا، هلکا، ڏگها ۽ بندرا هوندا آهن. لباس علائقي جا باشندا سمجهندا آهن ته جن کان اڳ هرهڪ ماڻهوءَ کان پڇيو ويندو آهي ته کيس کيتري وزن يا ڏيگهه وارو روح گهرجي، پوءِ هو جيڪو جواب ڏيندو آهي، اوترو ڏگهو يا وزندار روح ان کي ماپي ڏنو ويندو آهي. روح جو گهٽ ۾ گهٽو وزن ڏهه گرام ٿئي ٿو. ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي حالت سندس روح جي ڏيگهه جي تناسب سان مقرر ڪئي ويندي آهي. جيڪي ٻار نندڙيءَ جمار ۾ مرن ٿا، تن جو روح تمام نندڙو هوندو آهي. فجي پٽن ۾ رهندڙ ناکيلو قبيلي وارا پنهنجي سردار جي موت تي جيڪي رسمون ادا ڪندا آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي به روح کي نندڙي ماڻهوءَ سان تشبيهه ڏيندا آهن. جڏهن انهن جو ڪو سردار مرندو آهي، تڏهن منجهانئن ڪي ماڻهو، جي موروثي ڪورڪن هوندا آهن، پنهنجي سردار جي جنازي، جيڪو ٽهيل ۽ سينگاريل حالت ۾ عمدن غاليچن تي رکيو ويندو آهي، ڏانهن منهن ڪري هيٺ چوندا آهن: "اي اسان جا آقا ۽ سردار! اٽ ته سپيئي گڏجي هلون، اسانءَ جي ملڪ ۾ صبح ٿي ويو آهي." ان کان پوءِ اهي ڪيس درياه جي ڪناري ڏانهن ڪٽي ويندا آهن، جتان روحن جو ڪشتيبان ناکيلو پٺ وارن روحن کي درياه جي ٻئي ڪناري ڏانهن ڪٽي ويندو آهي. پنهنجي سردار جي انهيءَ آخرين سفر تي وڃڻ وقت هن جا سپيئي ڪانڊي هن تي چٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ پنهنجا وڏا پڪا زمين جي ويجهو جهليندا آهن، چاڪاڻ ته، جيئن انهن مان هڪڙي، هڪ عيسائي مبلغ کي سمجهايو هو، "هن جو روح بنهه نيڙو پاڪڙو آهي." پنجاب جا ڪي رهاڪو، جي جسم جي عضون تي تصويرون ڇپائيندا آهن، سمجهندا آهن ته موت وقت روح، جيڪو "هوبهو مرد يا عورت جي همشڪل" هوندو آهي، انهن ئي تصويرن سميت، جيڪي انهيءَ ماڻهوءَ جي بدن تي نڪتل هونديون آهن، جنت ڏانهن ويندو آهي. اڪثي هلي وري اسين هي ٻڌندا سون ته ڪن ڪن هندن تي ماڻهوءَ جي روح جو تصور ماڻهوءَ جي صورت ۽ نه، ٻر جانورن جي شڪل شبيهه ۽ ڪيو ويندو آهي.

۲- روح جي غير حاضري ۽ واپسي: عام طرح سمجهيو ويندو آهي ته روح انساني جسم جي قدرتي رستن خاص طرح نڪ ۽ وات کان باهر نڪري ٿو، چنانچه سليبس جي پيٽ ۽ بيمار ماڻهوءَ جا مائٽ ان جي نڪ، دن ۽ پيرن ۽ مڇيءَ قاسائڻ جون ڪنديون ٻڌي چڏيندا آهن ته جيئڪڏهن روح پنڇ جي ڪوشش ڪري ته ڪنديون ۽ روڪجي وڃي. بارام ندي جي ڪناري تي آباد ٽورڪ قبيلي وارن مان هڪڙي ماڻهوءَ وٽ ڪنديون جي صورت وانگر ڪجهه پٿر هئا، جن کي ڪيس قيمت تي فروخت ڪرڻ واسطي آماده ڪيو ويو، ۽ هن ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو، چو ته هن چيو ته اهي پٿر سندس روح کي جسم سان ائين ڪنديون بيٺا هئا، جيئن ڪنديءَ ۽ مڇي ڪنديل هوندي آهي- اهي پٿر سندس روحاني حصي کي جسماني حصي کان جدا ٿيڻ کان روڪيو بيٺا هئا. جڏهن بحري ديا ڪ قبيلي واري جادوگر يا ويج کي سندس گاديءَ جي ڀڳ ٻڌائي ويندي آهي، تڏهن سندس آڱرين ۽ ڪنديون وڏيون ويندي آهن ته جيئن هو پنهنجن معتقدن جي روحن کي، سندن جسمن کان جدا ٿيڻ وقت، انهن ڪنديين سان قاسائي واپس ڪري وڃي ۽ ٻر ساڳئي وقت هو انهن ڪنديين سان دشمنن جا روح ٻ قاسائي سگهندو آهي. انهيءَ اصول ۽ اعتقاد تي عمل ڪندي، بورنيو

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

جا وحشي قاتل، جڏهن دشمنن جون سيسون لاهڻ ويندا آهن، تڏهن پهرين وڏيل سسين جي کوپرين کي کنڊيون ٻڌي چڏيندا آهن ته ٻين سسين ملڻ ۾ آساني ٿئين ۽ اهي کنڊيون نون روحن کي پاڻ ڏانهن کشش ڪرڻ ۾ مدد ڏين. هندا قبيلي وارن جي "ويج" جي اوزار ۾ هڏي جي هڪ نري هوندي آهي، جنهن ۾ هو پجندڙ روحن کي بند ڪري مالڪن کي واپس ڏيندو آهي. ڪن هندو جاتين ۾، جڏهن ٻه کو اوپاسي ڏيندو آهي، تڏهن اهي وات اڳيان آڱوٺن سان چپڻيون وجائيندا آهن، جو ته سندن اعتقاد آهي ته اٽين ڪرڻ سان سندن روح باهر پڃڻ کان باز اچي ويندا.

مارڪس قبيلي وارا جڏهن پنهنجي ڪنهن عزيز کي مرندو ڏسندا هٿا، تڏهن ان جو نڪ ۽ وات بند ڪندا هٿا، ته جيئن ان جي جسم مان نڪرندڙ روح کي باهر وڃڻ جو رستو نه ملي. ٽيوڪٽليڊونيا جا باشندا ٻه اها ئي ڪارروائي ڪندا آهن، ۽ فلپائين ٻيٽن جا باگوبو قبيلي وارا ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مرندڙ ماڻهوءَ جي ڪنارين ۽ مٿن ۽ پٽل جي تارن جون ڪنڊيون وجهندا آهن. ڏکڻ آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جي الونامانا قبيلي وارا مرندڙ ماڻهوءَ جون اکيون، نڪ ۽ وات سبي چڏيندا آهن ته متان انهن مان باهر نڪرندڙ روح ٻين روحن کي ٻ ساڻ ڪٽي وڃي. ساڳئي سبب ڪري نياس جا رهاڪو، جي تازن مثل ماڻهن جي روحن کان سخت ڊجندا آهن ۽ پائيندا آهن ته ساه سان گڏ اهي باهر نڪري هوا ۾ ڏڙي پکڙي وڃن ٿا، اهڙن روئو روحن جي ڪمهريءَ کان بچڻ ۽ انهن کي بند ڪري رکڻ لاءِ مثل ماڻهوءَ جي نڪ ۾ آلي چيڪي مٽي مضبوطيءَ سان پري، سندس جاڙين کي ٻڌي چڏيندا آهن. آسٽريليا جي ويڪلبيورا قبيلي وارا مڙدي کي قبر اندر چڏڻ کان اڳ ان جي ڪنن ۾ پرندڙ ڪاندا رکندا هٿا، ته جيئن ان جو روح جسم مان تيسين باهر نه نڪري، جيسين ڪاندن جي گرمي ان جي ڪنن ۾ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ۽ ان عرصي جي درميان ان جي ڪانڊين کي پڄي وڃڻ لاءِ ڪافي وڏي ملي وڃي. سيليبس ۽ ويم واري۽ عورت جي روح کي سندس جسر مان باهر نڪرڻ کان روڪڻ لاءِ، دائي ان جي بدن جي چوڌاري ڏاڍي زور سان ڪپڙي جي پٽي پڌي چڌيندي آهي. سماترا جا مانگڪيبار قبيلي وارا ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حامل عورت جي ڪرائي۽ يا چيلهه کي ڏاڪو پڌي چڌيندا آهن، تہ جيئن روح کي باهر نڪرڻ جا رستا بند نظر اچن ۽ هو انهي۽ خام خيال کان باز اچي پنهنجي خاڪي پجري ۽ مالڙي ڪري ويهي رهي. سيليبس جي "الفور" قبيلي وارا بار جي جمڻ وقت ان جي روح کي نڪري وڃڻ کان روڪڻ لاءِ گهر جا سڀ دروازا ۽ دريون مضبوطي۽ سان بند ڪري چڌيندا آهن، ديوارين ۽ جيڪڏهن کو چير وغيره هوندو آهي، تہ ان کي ۽ ويم کان ڪجهه ڏينهن اڳ بند ڪري چڌيندا آهن، حتيٰ ڪ دروازن ۽ چاهي۽ جي سوراخن کي ۽ ڪک ۽ اڳڙيون ٽنبي بند ڪري چڌيندا آهن. ان کان علاوه گهر ۽ ٻيئل سيني جانورن جا پوٽ مضبوطي۽ سان پڌي چڌيندا آهن تہ متان انهن مان کو بار جي روح کي گهرڪائي وڃي. ساڳئي ئي سبب ڪري گهر ۽ ويئل سيٽي پاتين کي (حامل عورت سميت) تيسين پنهنجا وات بند ڪري رکڻا پوندا آهن، جيسين ويم ئي وڃي. انهن کان جڏهن دريافت ڪيو ويو تہ پلا پنهنجا نڪ ۽ چو نہ ٽا بند ڪريو، تہ متان بار جو روح انهن سان ڪنهن هڪ ۽ هليو وڃي؟ تڏهن انهن فوراً هي جواب ڏنو تہ چاڪاڻ تہ ناسن منجهان ساه اندر وڃي، وري هڪدم باهر اچي ٿو، ان ڪري روح کي اندر ويهي رهڻ جي فرصت ئي ڪانہ ملندي. مهذب قومن جي هولين ۽ جيڪي هن قسم جا محاورا يا چوٽيون آهن، جيئن تہ 'فلاڻي جي منهان دل پئي باهر آئي'، يا 'فلاڻي جو روح چپن تي هئو'، يا 'گرمي۽ ۽ نڪان ساه پئي نڪتو'- صاف ڏيکارين ٿا تہ روح جي باهر پڄڻ جا قدرتي رستا وات ۽ نڪ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن روح کي اڏامندڙ پکيءَ جي صورت ۾ تصور ڪيو ويندو آهي، جو پر کولي اڏامي رهيو جي تياريءَ ۾ هوندو آهي. انهيءَ تصور دنيا جي متعدد ٻولين ۾ پنهنجا نشان ڇڏيا آهن. اهڙي قسم جا محاورا گهڙڻ ڪري تشبيهه طور نظم ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن. ملايا جا ماڻهو روح جي انهيءَ تصور جي مختلف ۽ عجيب غريب نمونن سان تڪميل ڪندا آهن. جيڪڏهن روح هڪ اڏامندڙ پکي آهي، تہ پوءِ ان کي جانور ڏيکاري پنهنجي ظرف ڇڪي سگهجي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح ان کي اڏامي وڃڻ کان روڪي سگهجي ٿو. يا جيڪڏهن هو اڏامڻ جي حماقت ڪري ٿو وڃي تہ پوءِ ان کي انهيءَ خطرناڪ سفر اختيار ڪرڻ کان اڳ ۾ واپس موٽائي سگهجي ٿو. جاوا ۾ جڏهن نندڙي ٻار کي پهريون دفعو زمين تي رکندا آهن (انهيءَ گهڙيءَ کي يانجي ٿو تہ دنيا جا اڻ سڌريل ماڻهو نهايت خطرناڪ گهڙي سمجهندا آهن) تڏهن ان جي ماءُ ان کي ڪڙين جي ٽوڪريءَ ۾ رکندي آهي ۽ آري واريءَ ڪڪڙ وانگر "آ-آ" ڪري پنهنجي ٻار کي سڏيندي آهي. هورئيو جي سنٽانگ ضلعي ۾ جڏهن ڪو مرد، عورت يا ٻار گهر يا ونڊ تان هيٺ ڪري پوندو آهي، تڏهن ان کي گهر آڻڻ کان هڪدم پوءِ سندس زال، مرد يا ٻيو ڪو عزيز هادڻي واريءَ جاءِ ڏانهن ڊوڙندو ويندو آهي ۽ ان ٻڌي ته جانور هارايندو آهي، جن تي پيلو رنگ چڙهيل هوندو آهي، ۽ سڄو وقت هيٺ چوندو آهي: "آ آ روح! فلاڻو وري گهر آيو آهي. آ آ اي روح! آ آ!" پوءِ اهي جانور زمين تان ميڙي واپس زخميءَ وٽ ڪڍي ويندا آهن. ۽ ان جي مٿي تي جهلي پنهنجي هٿ مان ان جي مٿان آهستي آهستي ڪيرائيندي هيٺ چوندا آهن تہ "آ آ اي روح، آ آ!" هن حالت ۾ انهيءَ رسم جي ادائگيءَ جو صاف مطلب رلندڙ روح جي پکيءَ کي جانورن جي لالچ ڏيئي واسطيدار شخص جي مٿي ۾ واپس داخل ڪرڻ چوآهي. عام طرح خيال ڪيو ويندو آهي تہ ستل ماڻهوءَ جو روح سندس جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻاهر نڪري ويندو آهي، ۽ اهي سڀ ڪم ڪري ايندو آهي، جن جو هو خواب ڏسندو آهي. مثلاً برازيل جو ڪاڙهو هندستاني جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيندو آهي، تڏهن ائين سمجهندو آهي ته سندس روح حقيقت ۾ ٻاهر نڪري شڪار ڪندو ۽ وڻ وڻيندو رهيو آهي يا جيڪي ڪجهه هن خواب ۾ ڏٺو هوندو آهي تن سڀني ڪاروائين لاءِ هن کي يقين هوندو آهي ته اهي سڀ دراصل عمل ۾ آيون آهن، حالانڪ هو پاڻ سڄو وقت پنهنجي ڪائين بستري تي ڪهاڻيءَ ننڊ ۾ ستو پيو هوندو آهي. هڪ دفعي بورورو گوٽ وارن مان هڪڙي چٽي خواب ڏٺو ته سندس قبيلي جا دشمن لڪي لڪي سندس گوٽ کي گهيرو ڪري، بتائين حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. هن پنهنجي قبيلي وارن سان جڏهن انهيءَ خواب جو ذڪر ڪيو، تڏهن اهي سڀ ڇڇي گوٽ ڇڏي ڇڇي وڃا. هڪ دفعي ماڪوسي قبيلي جي هڪ بيمار ڪاڙهي هندستانيءَ خواب ۾ ڏٺو ته سندس آقا هن کي انهيءَ علالت جي حالت ۾ هڪ ڀهاڙي آبشار مٿان ڪن بندن کي گهلي مٽي ڪٽي هلڻ جو حڪم ڏنو. ان تي هن ڀي ڏينهن صبح جو الهه سان پنهنجي آقا وٽ شڪايت ڪئي ته هن هڪ غريب نوڪر تي ايڏي ساري بيرحمي ڪري انهيءَ حالت ۾ ڪانئس اهڙو سخت ڪم ڪرايو جو کين واجب ڪونه هو. گران چاڪو جا ڪاڙها هندستاني اهڙيون عجيب و غريب ڪالهيون ڪندا آهن، جو نئون ٻڌندڙ، جنهن کي انهن سان اڳ ڪڏهن واقفيت نه هوندي ۽ هڪدم ائين چوندو ته اهي شخص ڪوڙا ۽ لاڙي آهن. درحقيقت انهن کي پنهنجن انهن ڪارنامن تي بلڪل ڪو اعتبار ۽ يقين هوندو آهي جو ته اهي سڀئي ڪالهيون هنن جا خواب هوندا آهن، جن ۾ کين پڪو ويساه هوندو آهي، ۽ يقيني طور سمجهندا آهن ته انهن ۾ جيڪي به انهن ڏٺو، ٻڌو يا ڪيو، سو درحقيقت ائين ئي هو.

هاڻي، اهڙي روح کي، جو ننڊ ۾ پنهنجي جسم مان ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نکري گھمڻ لاءِ هليو وڃي، ظاهر آهي ته ڪيترن ئي خطرن سان مقابلو ڪرڻو آهي، چو ته جيڪڏهن ڪن سببن ڪري هن کي ڪٽي ڪوئي هميشه لاءِ روڪي ٿو وڃي ته پوءِ اهو ماڻهو مري ويندو، جنهن جي بدن سان هو اهڙي نموني بغير اجازت نڪري ٿو وڃي. جرمنيءَ وارن ۾ هيءَ اعتقاد آهي ته ننڊ ۾ ماڻهوءَ جو روح ان جي وات سان ڪنڌي يا پکيءَ جي صورت ۾ باهر نڪري وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڪنڌي يا ننڍڙي پکيءَ جو ڪٽي جهلجي پوڻ ستل ماڻهوءَ لاءِ موتمار ثابت ڪندو. چنانچ ٽرانسلوانيا وارا چوندا آهن ته هار کي وات ڦاڙي سمهڻ نه ڏجي، چو ته جيڪڏهن سندس روح ڪنڌي يا ننڍڙي پکيءَ جي صورت ۾ باهر نڪري ويو ته اهو هار وري ڪونہ اڻندو. ستل ماڻهوءَ جي اهڙي گهمندڙ روح جي واپس نہ موڻڻ لاءِ گهڻيئي سبب ٿي سگهن ٿا، مثلاً اهڙو روح رستي هلندي شايد ڪنهن دشمن جي روح سان ملي وڃي ۽ اهي ٻئي روح پاڻ ۾ وڙهي پون. ان ڪري ڪائنا جو شيدي صبح جو اٺ وقت جيڪڏهن هڏن ۾ ڀيڙا محسوس ڪندو آهي ته هو سمجهندو آهي ته رات جو سندس روح کي ڪنهن مار ڪيي هوندي. يا ائين ٿي سگهي ٿو ته اهڙو رلندڙ روح ڪنهن اهڙي ٻئي رلندڙ روح سان ملي وڃي، جنهن تازو خاڪي پيڙو ڇڏيو هجي ۽ اهو هن کي نہ سان وڃي هليو وڃي. انهيءَ اعتقاد ڪري آرو ٻيٽ وارن جي گهر ۾ جڏهن ڪو ماڻهو مرندو آهي، تڏهن اهي پهرين رات بلڪل ڪونہ سمهندا آهن، چو ته هو سمجهندا آهن ته مرحوم جو روح ضرور گهر ۾ ايندو ۽ هو ان سان خواب ۾ ملڻ کان ڊجندا آهن. وري، ستل ماڻهوءَ جي روح کي گهمندي ڦرندي ڪو حادثو نہ پيش اچي سگهي ٿو يا ان کي ڪو نہ ڪو زبردستيءَ رستي ۾ روڪي سگهي ٿو. ڏياڪ قبيلي وارو جڏهن پاڻ کي خواب ۾ اندر پاڻيءَ ۾ ٻڏندو ڏسندو آهي، تڏهن هو سمجهندو آهي ته اهو حادثو سندس روح کي درحقيقت پيش آيو آهي. چنانچ، هو پنهنجي قبيلي جي جادوگر کي ڪوٺائيندو آهي، جو سندس ٻڏي ويل روح کي بچائڻ لاءِ پاڻيءَ سان هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽپ پرائي ان ۾ ننڍو چار وجهي ان کي ڪوليندو آهي، تان جو جڏهن اهو روح هٿ لڳندو اٿس، تڏهن ان کي سندس مالڪ جي سيني ۾ واپس وجهي چڏيندو آهي. سنتال قبيلي وارا ٻڌائيندا آهن ته ڪيئن نه سندن هڪڙي ماڻهوءَ رات جو سمهڻ کان پوءِ اڄ محسوس ڪئي ۽ سندس روح انُ جي خاڪي جسم منجهان ڪُرڙيءَ جي صورت اختيار ڪري باهر نڪري ويو، ۽ پاڻيءَ جي هڪ مٽ اندر گهڙيُ ويو. عين ان وقت مٽ جي مالڪ اتفاق سان اڻي ان کي ڍڪ ڏنو، جنهنڪري اهو روح مٽ اندر قاسي پيو ۽ پنهنجي اصلي جسم ڏانهن واپس نه وري سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهو مري ويو. جڏهن مرحوم جا دوست ۽ عزيز سندس خاڪي پڇري کي باه جي سپرد ڪري رهيا هئا، تڏهن انهن مان ڪنهن ته ڪنهن مٽ جو ڍڪ لاهي وڏو ۽ ان ۾ قائل روح باهر نڪري آيو. ڪرڙي اندران ٽپ ڏيئي باهر نڪري آئي ۽ پنهنجي اصلوڪي جسم اندر گهڙي ويئي، جنهنڪري ماڻهو جيئرو ٿي اٿي ويٺو. ۽ ماڻهن کان دريافت ڪرڻ لڳو ته اوهين چو ٿا روئو؟ هنن ٻڌايس ته اسان توکي مئل سمجهي ساڙڻ لاءِ تيار هئاسون. هن کين ٻڌايو ته هو ڪنهن کوه ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ هيٺ لٿو هو، پر ان مان باهر نڪري نٿي سگهيو. ۽ مس مس هاڻي اتان واپس آيو هو. اهو واقعو سيني چٽن پنهنجين اکين سان ڏٺو هو.

اوائلي وحشين، يا هن وقت تائين جيڪي پٺتي پيل قومون موجود آهن، تن جي معاشرن ۾ ستل ماڻهوءَ کي اوچتو ته جاڳايو ويندو آهي، چو ته سندن روح باهر هوندو آهي ۽ ممڪن آهي ته ان وقت تائين اهو ايتريءَ تيزيءَ سان واپس نه اچي سگهي. ان جيڪڏهن کو ماڻهو پنهنجي روح کانسواءَ جاڳي پيو، ته هو بيمار ٿي پوندو. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن ضروري ڪم سان هروپرو اٿارڻو ٿي آهي ته آهستگيءَ سان اٿارجيس، ته تيسين سندس روح کي واپس جسم اندر داخل ٿيڻ جي فرصت ملي وڃي. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفعي نجي ٻڌن جي هڪ ستل رهاڪوءَ جي ٻر مڙان ڪنهن واڌوءَ جو ٻر اچي ويو، جنهنڪري هن جي ننڊ اوچتو ڦٽي ٻئي، هو جيئن جاڳيو، تيئن زور سان واڪا ڪري پنهنجي روح کي منڊون ميڙيون، ڪرڻ لڳو ته ٻُلائي ڪر، منهنجي جسم ٻر واپس اچ. درحقيقت هن خواب ٻر ٻاڻ کي هڪ ڊگهي سفر جي دوران ٻر ڏونگا جي ٻيٽ ٻر ڏٺو هو ۽ جڏهن ننڊ منجهان اوچتو بيدار ٿي هن ٻاڻ کي ماڻوکو ٻيٽ ٻر ڏٺو، تڏهن سندس ڊپ ۽ هراس جي حد ٿي ڪانه رهي، چو ته کيس خوف اچي ورايو ته سندس روح ڪائنس ايڏو دور ٻوئڻي رهجي ويو هو. ان حالت ٻر کيس پنهنجو موت ٻنهه اکين آڏو نظر اچڻ لڳو، ۽ سمجهيائين ته جيڪڏهن سندس روح کي ڪنهن طريقي سان ايترو بحري رستو جلد طئي ڪري واپس اچڻ لاءِ ڪو آساده ڪري سگهي، ته ٻوءِ هن جي بچڻ جي ڪا اميد يا آسرو ٿي ٻوي. ممڪن هو ته هيءَ وحشي ڊپ ۽ فڪر وچان واقعي مري وڃي ها، پر اتفاق سان هڪ عيسائي مبلغ موجود هو، جنهن سندس روح موٽائي آڻي کيس ڏنو، سندس ڊپ دور ٿي ويو ۽ اندر کي اطمينان اچي ويس.

اهڙن ماڻهن جي خيال ٻر، ڪنهن جي سمهڻ واري جاءِ هن جي ستي ٿي بدلائي چڏڻ ان جي صورت کي ڦيري چڏڻ مڻين٘ گهالهه کان ٻ زياده خطرناڪ آهي، چو ته موٽڻ وقت روح ان کي سڃاڻي نه سگهندو ۽ واپس موٽي ويندو، جنهن ڪري اهو ماڻهو ننڊ ٻ ٿي مري ويندو. ان ڪري سنانڪاهار قبيلي وارا ستل ماڻهوءَ جي صورت کي ننڊ جي عالم ٻر سياه ڪرڻ يا منڍ٘ ڦٽڻ کان سخت منع ڪندا آهن، چاڪاڻ ته انهن جي خيال مطابق، جڏهن روح پنهنجو سير تفريح ڪري واپس ايندو، تڏهن ان کي پنهنجي جسم اندر داخل ٿيڻ کان نفرت ايندي ۽ هو ان ٻ دوباره داخل ٿيڻ کان انڪار ڪندا. ملايا جا پاڻاني قوم وارا چوندا آهن ته ستل ماڻهوءَ جي شڪل کي ننڊ ٻ داغ لڳائي بدصورت هرگز نه ڪجي، چو ته ان جو روح جڏهن واپس ايندو، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي جسم کي سڃاڻي نه سگهندو ۽ جيستائين ان جي شڪل کي ڏوئي صاف نه ڪيو، تيسين هو ان ۾ واپس اندر نه ويندو ۽ ستل ماڻهو ستو ئي رهندو. بهبئي ۾ ستل ماڻهوءَ جي شڪل کي رنگ هڻڻ يا ٻيءَ ڪنهن صورت ۾ هن جي صورت بدلائي ڇڏڻ، مثلاً عورت کي منهن تي مڇون چاپي ڇڏڻ وغيره خون کان به زياده سنگين ڏوه سمجهندا آهن، ڇو ته انهن جو به اهو ئي خيال آهي ته واپس ايندڙ روح پنهنجي جسم کي ڪونه سڃاڻندو ۽ ستل ماڻهو مري ويندو.

اهو ضروري ناهي ته روح هروپرو ننڊ جي حالت ۾ باهر ٿو نڪري. ممڪن آهي ته اهو جاڳندي ۾ ويٺي ويٺي به نڪري وڃي، ۽ انهيءَ پوئين حالت ۾ بيماري، چريائپ يا موت واقع ٿيندو. آسٽريليا جي ووروڻجيري قبيلي وارن جو هڪ ماڻهو موت جا آخرين پساه ڪٽي رهيو هو، ڇو ته سندس روح جسم مان باهر نڪري ويو هو. انهن جو هڪ "ويج" ان جي روح جي پٺيان ٻيو، ۽ جيئن اهو روح ٻڌندڙ سڄ جي آخرين سنهري شعاعن ۾ غائب ٿيڻ وارو هو، تيئن هن وڃي ان کي چيلهه کان جهليو ۽ ڪيس پنهنجي ڪٽي ۾ ويڙهي لڪائي ڪٽي آيو. ان کان پوءِ مرندڙ ماڻهوءَ جي مٿان اهو "ويج" اونڌو ٿي سمهي ٻيو ۽ سندس روح کي ان ۾ واپس وڃائين، جنهن کان پوءِ اهو ماڻهو جيئرو ٿي اٿي ويٺو. برما جا ڪرين قبيلي وارا هميشه پنهنجن روحن جي متعلق فڪرمند رهندا آهن ته مٿان اهي سندن جسمن مان اوچتو باهر نڪري، ڪين موت جي منهن ۾ اڇلي وڃن. جڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ کي اهو وهم ويهندو آهي ته سندس روح اهڙو خطرناڪ قدم کڻڻ وارو آهي، تڏهن ان جا مائٽ هڪ رسم ادا ڪندا آهن، جنهن ۾ گهر ۽ خاندان جي ڀاتين جو حاضر ۽ شامل هڻڻ بيحد ضروري سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ موقعي لاءِ خاص قسم جو طعام تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪڪڙ ۽ هڪ ڪڪڑ، خاص قسم جا چانور ۽ ڪيلن جو هڪ ڇڇو هوندو آهي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پوءِ گھر جو وڏو، جانورن کائن جو خالي پيالو ڪڍي، ان کي گھر جي ڏاڪڻ سان ٽوڪيندو آھي ۽ ھيٺ چوندو آھي: "چُو چُو چُو! اي روح، واپس اچ. باھر نہ ترس، جيڪڏھن مينھن وسندو تہ پسي ھوندين، آس نڪرندي تہ گرمي ٿيندئي، باھر مچر کائيندئي، جورون رت چوسيندئي، چٽا کائي گرکائي چڏيندئي ۽ آسماني گجگوڙ توکي فنا ڪري چڏيندي، چُو چُو چُو! روح واپس اچ. ھتي تون آسائش سان رھندين، توکي ڪا ضرورت محسوس نہ ٿيندي، اچ ۽ اسان جي پناھ ھيٺ اچي، ھي ڪاڏو ڪاڪ جيڪو اسان خاص طور تو لاءِ تيار ڪيو آھي." ان کان پوءِ سڀئي حاضرين اھو ڪاڏو کائيندا آھن، ۽ انھيءَ رسم ختم ٿيڻ وقت گھر جا سڀئي پاتي پنھنجين ڪرين ۾ ڪارو ڏاڪو پڏندا آھن، جنھن تي سندن جادوگر منتر ڦوڪيو ھوندو آھي. اھڙي ٿي طريقي سان ڏکڻ چين جا لولو قبيلي وارا چوندا آھن تہ ھڪ بيماريءَ جي ڪري روح مريض جي بدن کي چڏي ھليو ويندو آھي. اھڙيءَ حالت ۾ ھو ھڪ قصيدو پڙھندا آھن، جنھن ۾ روح جي خوشامد ھرآمد ڪيل ھوندي آھي تہ "اي روح پھاڙن مان، ماڙين مان، جھنگن جھرن، درياھن، ٻلن ۽ ٻنين مان - جتي تہ آھين - واپس ھليو آءُ." ساڳئي وقت مريض جي گھر جي دروازي وٽ پاڻيءَ، شراب ۽ جانورن سان ڀريل پيالا رکيا ويندا آھن تہ جيئن ٽڪل ٽنل روح واپس ايندي ئي پاڻ کي تازو توانو ڪري سگھي. انھيءَ رسم جي اختتام وقت، روح کي سوگھو ڪري ويھارڻ لاءِ بيمار جي ڪرائيءَ ۾ ھڪ گاڙھو ڏاڪو پڏندا آھن ۽ اھو جيسين سڙي پاڻ ھيٺ نہ ڪري پوي تيسين ان کي پاڻ نہ لاٿو ويندو آھي.

ڪانگو ماڙيءَ ۾ رھندڙ قبيلن ۾ جڏھن ڪو ماڻھو بيمار ٿيندو آھي، تڏھن ھو سمجھندا آھن تہ ان جو روح سڀڪڏھن جسم مان باھر نڪري ويو آھي. چنانچہ قبيلي جي جادوگر کي سڏايو ويندو آھي ۽ ڪيس انھيءَ پاڇوڪڙ روح کي ڳاسائڻ لاءِ منٽ ميڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ويندي آهي. اهو جادوگر گهٽو ڪري هر حالت ۾ چوندو آهي ته "مون انهيءَ روح کي فلاڻي نه فلاڻي وڻ ۾ ڏٺو آهي"، جنهن کان پوءِ سڄي قبيلي جا ماڻهو جمع ٿي جادوگر سان گڏ انهيءَ وڻ ڏانهن ويندا آهن. اتي پهچڻ کان پوءِ، ڪن طاقتور ماڻهن کي انهيءَ شاخ ٽوڙڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويندو آهي، جنهن ڏانهن جادوگر اشارو ڪندو آهي. پوءِ هو انهيءَ ٽاريءَ کي ٽوڙي ڇوٽ ڏانهن واپس ڪٽي ويندا آهن ۽ ڇوٽ جي گهٽين مان لنگهندي اهڙي ڏيکائي ڏيندا آهن جڻ ته مٿن ڪو وڏو بار رکيل آهي، جنهن کي کڻڻ کان هو لاچار آهن. جڏهن اها شاخ مريض وٽ اچي پهچندي آهي، تڏهن ان کي سڌو ڪري ويهاريندا آهن، ۽ شاخ کي سندس پاسي ۾ رکي، جادوگر ڪجهه منتر آلاپيندو آهي، جنهن کان پوءِ چوڌاري سمارڪون ڏيئون ويندیون آهن ته شڪر ٿيو جو مريض جو روح پنهنجي اصلوڪيءَ جاءِ تي پهچي ويو.

سوا ترا جا بڻڪ قبيلي وارا ڪٿيءَ، بيماريءَ، انتهائي ڊپ ۽ موت کي انساني جسم مان روح جي غيرموجودگيءَ جو نتيجو سمجهندا آهن. اول ته هو باهر ڇانور هاري پڻڪندڙ روح کي پڇري مان نڪري ويل پکيءَ وانگر، واپس اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ جو، ڪوشش ڪندا آهن، جنهن کان پوءِ هي الفاظ زبان سان ادا ڪندا آهن: "اي روح! واپس اچ! ڪنهن ٻيلي ۾ ترسيل آهين، يا ٻاڙڻ تي پهتل آهين، يا ڪنهن واديءَ ۾ وسيل آهين... ڪٿي به آهين ته هليو اچ!" هڪ دفعي جي گالهه آهي ته هڪڙو هردلعزيز سياح ڪاياڻ قبيلي وارن جي ڇوٽ ۾ چند ڏينهن گذارڻ کان پوءِ جڏهن ڇوٽ وارن کان موڪلائي اڳتي وڃڻ لڳو تڏهن اتان جون سڀ عورتون پنهنجن ننڍڙن ٻارن جا بسترا ڪٿي ان وٽ آيون ۽ چيائونس ته "مهرباني ڪري هينن مٽاڻ اهڙو ڪو منتر ٿوڪي، جو ٻارن جا روح تنهنجي پٺيان نه لڳي پون، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پيار جي زير اثر تنهنجي ڪنڌ اچن به ڪٿي، ته به جلد ئي پنهنجن بسترن ڏانهن واپس وري اچن." هرهڪ بستري جي هڪ ڪنڊ وٽ ڏوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌل هئي، جنهن ۾ هڪ سرڪش ٻيلي هئي، جنهن ۾ هر هڪ ٻار جي آگر وجهي انهيءَ سرڪش کي چڪي ٻڌو ويو ته جيئن انهن جا ننڍڙا روح ان ۾ ٻڌا رهن ۽ اجنبي سياح سان گڏ جي هليا نه وڃن.

هندستان ۾ هڪ آکاڻي مشهور آهي ته هڪ دفعي ڪنهن بادشاه پنهنجو روح هڪ مردي برهمڻ جي جسم ۾ وڌو، هڪ ڪهڙي شخص وري پنهنجو روح بادشاه جي بدن ۾ ڪڍي وڌو، جنهنڪري بادشاه برهمڻ، ۽ ڪهڙو بادشاه ٿي ٻيو. بهرحال، ڪجهه عرصي بعد ڪهڙي کي پنهنجيءَ ڪاريگريءَ ڏيکارڻ لاءِ آماده ڪيو ويو ۽ کيس چيو ويو ته: "جيڪڏهن تون پنهنجي روح کي ذرحقيقت ڦيرائي گهيرائي سگهين ٿو، ته ان کي هن مرده طوطي جي لاش ۾ وجهي ڏيکارا" ڪهڙي اٽين ڪيو ۽ بادشاه جي روح موقعي کي غنيمت چاڻي، پنهنجي اصلوڪي جسم تي وڃي قبضو ڪيو. اهڙي ٻي قسم جي هڪ ڪالهه ملايا جا ماڻهو ۾ ڪندا آهن، ۽ ان ۾ ڪجهه ٿوريون مختصر ڪالهيون بدليل آهن، چون ٿا ته هڪڙي بادشاهه حماقت ڪري پنهنجي روح کي هڪ ٻانڊر جي جسم ۾ ڪڍي داخل ڪيو، جنهن تي منڊس عيار وزير جو ڪاتي موجود هو ڏاڍي چالاڪيءَ ۽ حرڪت سان پنهنجي روح کي بادشاه جي خالي جسم اندر ڪڍي داخل ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح ملڪه ۽ مملڪت تي قبضو ڪري ورتو. حقيقي بادشاه ظاهري ٻانڊر جي صورت ۾ درٻار ۾ گرنڊو سڙندو رهيو، ۽ هڪ ڏينهن نقلي بادشاه جو وڏا داءُ هٿندو هو، گهيٽن جي ويڙهه ڏسي رهيو هو، ۽ اتفاق اهڙو ٿيو، جو جنهن گهيٽي تي هن وڏي شرط رکي هئي، اهو ڪري ويو ۽ مري ويو. ان ۾ دوباره جان وجهڻ جون سيئي ڪوششون رائگان ويئون، تان جو (ڪوڙي) بادشاه، هڪ باهمت راندگر وانگر، پنهنجي روح کي مٽل گهيٽي ۾ منتقل ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ويڙهه جاري رکي. ٻانڊر جي صورت ۾ ويٺل حقيقي بادشاه موقعي کي غنيمت چاڻي دل جي همت ڪري پنهنجي اصلوڪي جسم ۾ وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿيو، جنهن کي عارضي طور وزير خالي ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ اچي ويو ۽ گهيٽي جي جسم ۾ آيل غاصب جو اهو انجام ٿيو، جنهن جي هو لائق هو. ساڳيءَ طرح، يونائي چوندا هيا تہ ڪلئزومينا واري هرموٽيمس جو روح پنهنجي جسم کي ڇڏي دور دور تائين وڃي رلندو هو ۽ جيڪي ڪجهہ هو پنهنجن گشتن جي دوران ۾ ڏسندو هو، تنهن جي متعلق هو پنهنجن دوستن ڏانهن خبرون ڪٽي اينڊو هو، تان جو هڪ ڏينهن، جڏهن سندس روح باهر هو، هن جي دشمنن چالاڪي ڪري سندس ترڪ ڪيل جسم تي قبضو ڪيو ۽ ان کي باه ۾ ساڙي ڇڏيائون.

روح جي روانگي هروقت رضاڪارانہ ڪانہ هوندي آهي. ڪن وقتن تي ان کي سندن مرضيءَ خلاف جسم منجهان پوت، ديو يا جادوگر ڪڍي سگهن ٿا. ڪن وقتن تي روحن کي پوت، جادوگر ۽ بد روح سندس خاڪي پنجري مان زوري ڇڪي باهر ڪڍندا آهن، ان ڪري جڏهن ڪنهن قبيلي وارن جي گهر وٽان ڪو لاش لنگهندو آهي، تڏهن هو پنهنجن سڀني ٻارن کي گهر جي ڪنهن ٻنهہ اندرئين حصي ۾، هڪ خاص قسم جي رسيءَ سان ٻڌي ڇڏيندا آهن، تہ متان انهن جا روح سندن جسمن کي ڇڏي مڙدي جي بدن ۾ گهڙي وڃن. جيسين مڙدو سندن گهرن کان بلڪل دور نہ هليو ويندو آهي، تيسين ويچارا ٻار ٻڌا ويٺا هوندا آهن. جڏهن جنازي کي هيٺ قبر ۾ لاٿو ويندو آهي، تڏهن قبر ۾ مٽي وجهڻ کان اڳ سيئي ڪاندي قبر جي ٻنهي ڪنارن مان صفون ٻڌي ٻيهندا آهن. سندن هڪ هٿ ۾ بانس جو هڪ لکڙو هوندو آهي، جو سڄي جو سڄو چيريل هوندو آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ وري هڪ لٽ هوندي اٿن. ٻوءِ هرهڪ واري وٽيءَ سان بانس جي لکڙي کي آڙو ڪري، قبر ۾ نيٺي، ٻئي هٿ واري لٽ بانس واري انهيءَ چير سان لڳائي سرڪائي باهر آڻيندو آهي، تہ جيئن سندس روح کي، جو ممڪن آهي تہ قبر ۾ هيٺ لهي ويو هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ٻاهر نڪري اچڻ جو طريقو معلوم ٿي وڃي. قبر کي (لڙڻ) وقت سڀني حاضرين پنهنجا بانس وارا لکڑا مٿيءَ کان پري رکندا آهن ته متان سندن روح اڃا انهن لکڑن ۾ رهيل هجن ۽ بيخياليءَ ۾ مٿيءَ ۾ دفن ٿي وڃن. جنازي جي دفن ڪرڻ جو ڪم پورو ڪري جڏهن سڀئي ڪانڊي واپس موٽندا آهن، تڏهن اهي لکڑا پاڻ سان گڏ گهر ڪٽي ويندا آهن ۽ واپس ويندي ويندي رستي تي، هر گهڙيءَ پٺتي نهاري پنهنجي روح کي منٽ ڪندا آهن ته "خدارا جلدي ڪر، واپس گهر هل!" رستي تي وري هڪ ڪانڊي وٽن سان ٽاريون پٽي انهن مان ٿي ننڍيون گول "ڪنڊيون" ٺاهيندو آهي، ۽ ٽوري ٽوري مفاصلي طئي ٿيڻ کان پوءِ هٽ ۾ هڪڙي هڪڙي ڪنڊي جهلي روح کي قاسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ انهيءَ استعمال ٿيل ڪنڊيءَ کي زمين ۾ ڇپائي ڇڏيندو آهي، ۽ اڙيءَ طرح هو انهن ڪنڊين کي استعمال ڪندو آهي. اها رسم هن لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي ته متان جيئرن جا روح مئن جي روحن سان رستي ۾ ڪٿي روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ ڪجهه بيهي رهن. جڏهن ڪارو- بڪ قبيلي وارا پنهنجي ڪنهن مائٽ يا دوست جي لاش کي دفن ڪيا ڪندا آهن ۽ قبر ۾ مٽي وجهندا آهن، تڏهن انهيءَ قبيلي جي هڪ جادوگراڻي هوا ۾ لٽ ڦيرائيندي رهندي آهي. اها ڪاروائي جيئرن جي روحن کي قبر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي، چو ته هنن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪو روح قبر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي، چو ته هنن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪو روح قبر ۾ داخل ٿيو ۽ مٽيءَ هيٺان دٻجي ويو، ته ان جو مالڪ مري ويندو.

لايلٽي جزيرن جي مجمع ۾ ٻوڏي ٽالي هڪ ننڍي جزيري جا باشندا چوندا آهن ته مئن جا روح جيئرن جي روحن کي چورائي ڪٽي ويندا آهن. جڏهن به انهن مان ڪو عليل ٿيندو آهي، تڏهن "سندن روحن جو ڊاڪٽر" يا ٻوڏو، ماڻهن جي مجمعي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڪپڙي ڏانهن چڪائيندي رهندي آهي. تہ جيئن هو پنهنجي ڪپڙي کي سچائي موٽي اچي ۽ ان ۾ وري گهڙي وڃي. ان کان پوءِ اهو ڪپڙو يا تہ ان کي پارايو ويندو آهي يا وري سندس پرسان رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن ان مڙي نہ ويو تہ يقيناً تندرست ٿيندو. اهڙيءَ طرح گاڙها هندستاني پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ جي مفرور روح کي سندس جتيءَ ۾ قائمائي، ڪيس آڻي، اهل جتي پارائيندا آهن ۽ مريض جي روح کي واپس سندس جسم ۾ داخل ڪندا آهن.

مولوڪا پنهن ۾ جڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿي پوندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو سمجهندا آهن تہ ان جي روح کي ڪو شيطان ڀاهو ڪيڏي، جهنگ، جبل، وڻ يا ڪنهن اهڙيءَ غار ۾ ڪٽي ويو آهي، جتي ان جو قيامگاه هوندو آهي. جڏهن انهن جو جادوگر مريض جي مائٽن کي شيطان جي رهڻ واري جاءِ ڏيکاريندو آهي، تڏهن اهي سڀ گڏجي اتي وينداآهن ۽ پاڻ سان رڌل چانور، ميوو، ڀڄا، آنا، هڪ ڪڪڙ، هڪ چوڙو، رسي جيو، سون ۽ ڪنگڻ وغيره ڪٽي ويندا آهن. ڪاڏي کي ڇڪيءَ طرح سامهون ڪيڙي، هيءَ دعا پڙهندا آهن: "اي شيطان، اسين هن طعام، سون وغيره جو نذرانو تنهنجي حضور ۾ ڪٽي آيا آهيون، اهي قبول ڪر ۽ اسان جي ماڻهوءَ جي روح کي، جنهن کي تو پاڻ وٽ بند ڪيو آهي ۽ جنهن لاءِ اسين دعا ڪري رهيا آهيون آزادي بخشي ان کي ڇڏ تہ پنهنجي جشن ڏانهن واپس وڃي ۽ ان جي الهورائيءَ جي پورائي ڪري." پوءِ اهي ڪورو طعام کائيندا آهن ۽ قيدي روح جي آزاديءَ جي عيوض ۾ ڪڪڙ کي چوڙي ڇڏيندا آهن. بعد ۾ ڪا آنا ۽ اتي ئي ڇڏي ڏيندا آهن، ۽ ريشمي جيو، سون ۽ ڪنگڻ واپس کڻي ويندا آهن. گهر پهچڻ جي شرط اتان واپس آندل ڪاڏو تراڪڙي پيالي ۾ وجهي، مريض جي منهن تي جهلي هيٺ چونڊيا آهن ۽ "هاڻي تنهنجي روح کي آزادي ملي آهي ۽ تون تندرست ۽ توانو ٿي، اچ (وارن) اچ. تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده رهندين".

نئين جاءَ ۾ سکونت اختيار ڪرڻ وارن ماڻهن کي خاص طرح پوٽن جو ڏاڏو ڏپ رهندو آهي. سيليس جي ٻڌن ۾ ۽ ٻنا هاسا جي ڪوٽ جا آلفور قبيلي وارا نئين گهر ۾ ويهڻ کان اڳ هڪ رسم ادا ڪندا آهن، جنهن کي اهي "گهر کي گرم ڪرڻ" چوندا آهن. انهيءَ موقعي تي، سندن پادري نئين گهر ۾ رهندڙ "روحن" کي قاسائن لاءِ هڪ رسم ادا ڪندو آهي. گهر جي اندر ٽهيل قرباني ڪرڻ واري هنڌ تي هو هڪ ٽيلهي لٽڪائي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ اتي بيهي سيني ديوتائن جي نالن جي فهرست پڙهندو آهي. انهن ديوتائن جو تعداد ايترو ته گهٽو هوندو آهي، جو پادريءَ کي انهن سڀني نالن ڪٽ ۽ سندن سڀاڻپ وغيره جي بيان ڪرڻ ۾ سڄي رات گذري ويندي آهي. صبح جو هو انهن سڀني ديوتائن کي ڪڻڪ جا آنا ۽ جانور پيش ڪندو آهي. ان وچ ۾، گهر ۽ رهندڙ سڀ روح ۽ پوت انهيءَ ٽيلهيءَ ۾ اڇي جمع ٿيندا آهن. پادري اها ٽيلهي پوءِ گهر جي مالڪ جي مٿان اڇي جهليندو آهي. ۽ هيئن چوندو آهي: "وٺ، پنهنجا پوٽ، اي پوت پڇي وڃ ۽ وري واپس اچڻ جي جرئت نه ڪجان."

ان کان پوءِ گهرڏياڻيءَ ۽ گهر جي ٻين سڀني ڀاتين جي مٿان ساڳيءَ طرح اهي ئي الفاظ ادا ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ سڀني ڇٽا نئينءَ جاءَ ۽ بيخوف و خطر رهي سگهندا آهن. ٻڌن جي مفرور روح کي قاسائن لاءِ آلفور قبيلي وارا چا ڪندا آهن، جو هڪ لوڻي کي رسي ٻڌي دريءَ کان هيٺ لٽڪائي ڇڏيندا آهن ۽ ان کي لوڏي لوڏي گهر ٽپل روح کي ان ۾ قاسائن جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. جڏهن ڪنهن خاطري ئي ويندي آهي ته روح لوڻي ۾ اچي ويو آهي، تڏهن هٽ وجهي روح کي مٽي ڇڪي، ان کي واسٽيدار ماڻهوءَ جي بدن ۾ داخل ڪندا آهن. انهيءَ ساڳئي قبيلي وارن جو جادوگر جڏهن ڪنهن ڀاڄوڪڙ روح کي ڪپڙي ۾ قاسائي گهر ڏانهن واپس آڻيندو آهي، تڏهن انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگر جي اکين هڪ نديڙي چوکري هلندي آهي، جنهن جي
هٿ ۾ ڪجي ڇڙي ٿي ويڙهي ٿو چوهڪ ڏوڪڻ هوندو آهي، جنهن کي
اهڙا جادوگر جي مڪي ۽ انهي سمت مڪان، جنهن ۾ هن پکڙي
ٿو ڏيئي روح کي ڪنڌي رکيو هوندو آهي، جنهن جو انگر جهلي
اڪثر هلندي آهي. انهن احتياط جادوگر ۽ پکڙيل روح کي
برسات ٿيڻ جي حالت ۾ آڻي ٿين، ڪاڻ محفوظ رکڻ لاءِ ڪيترو
ويندو آهي. جادوگر اڳي ٻيان سوري هڪ طاقتور ماڻهو اڳڙي
تراوهت جهلي ڦيرائيندو ايندو آهي، تڏهن ٻيا به روح ٿا پوءِ
گرفتار ٿيل روح کي زوري ڇاڏي ٻاهر ڇڪي وڃن جي ڪوشش
ڪن ٿا. [illegible]
ڪڏهن ڪڏهن گرفتار ٿيل روح کي ڪنهن ظاهري صورت ۾
برداشت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. آڻيندڙ جي ڪاڙهن ڪنڊيستانن
جي عليش يا فلٽهيڊ نالي هڪ قيمتي جاءِ ٿاهوڻ جي اوزڪان ڏنل رڇي
ڪنارن ۾ ان جي آسپاس وارن علاقن ۾ رهندا آهن. هيءَ ڏا
ڇڏهندا آهن ته ماڻهوءَ جي روح کي زان جي جسم کان ڌاري
نهوني جدا ڪري آڳهجي ڏئي. جو واسطيدار ماڻهوءَ کي ڏيڻو
ٿ ٻوڙي ته ڇا ٿيڻ ڏيو. ور انهي حالت ۾ جيڪا به ضروري
آهي ته جدا ڪيل روح کي سندس جسم اندر ٿوري جلد ڏاخل
ڪيو وڃي. ان تدبير ٻوڙن جي حالت ۾ واسطيدار ماڻهو ڇڙي
ويندو ۽ اهلي جي ٻوني ۽ ويچ کي عالم خواب ۾ ڌاري ماڻهوءَ
جو ڏاڙو معلوم ڪري ويندو آهي، جنهن جو روح کانئن ڇڏي ويو
هوندو آهي. ۽ اهو ويچ صبح ڏينهن سان ڇڪي ڏيڻ جو ڏڪر
ان ماڻهوءَ ڏانهن آڻيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڀيري ڏنل
متعدد ماڻهن ۾ جادو روح انهيءَ ڪوني ڪوار ڪي ويا آهن. هڪ
انهن سيني ڏاڙن جي ڦهرست ويچ کي هڪ ئي خواب ۾ معلوم
ڪري ويندي آهي، جنهن جو اطلاع ڏيڻ کان پوءِ ويچ جي مالڪن
کي ڪڏهن ڪڏهن ويندو آهي جنهن ڪري هي سيني ڏاڙن ڪري
انهن روحن کي ڦاسائڻ لاءِ مشترڪ فريم ڪندا آهن. [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيئي ٻيءِ روح ماڻهو اهل سڄي رات ڪوٽ جي در درتي ڪائيندا
وڃائيندا ۽ ڪجهه ويندا آهن ۽ صبح جو ويڙهه ٿيندي آهي سيئي پوءِ
هڪ اهڙي ڏينهن جاءِ ۽ گهڙي ويندا آهن، جا هونئن ٻين ڏينهن هوندي
آهي ۽ ڏينهن جي اندروني جڳهه ۽ ماڻهو ڏوني ڏي هوندي آهي
ان کان پوءِ جاءِ جي ڇڏڻ ۽ هڪ ڏينهن شوراخ ڪاوندو آهي
۽ ويچ ۾ ڇڏي اڃان ڪٿي ٻي ڀاري سان روح کي وڙهي
انهي ۽ جاءِ اندر اچلائيندو آهي (جي گهڙو ڪري ڏينهن ڏيڻ
هڏن جي ڇڏڻ ۽ ڪوڙين جي صورت ۾ هوندا آهن) ۽ اهو ڪم
پورو ڪرڻ ۾ ڏينهن لهي ويندو آهي ۽ انهن ڏينهن ڏيڻ کي ڀرايل
روحن ڏانهن ڀڄڻ لڳ ۽ تڏهن ڏڻي روحن کي سڃاڻي جدا ڪندو
آهي جي گهڙو ڪري تمام گهڙي تعداد ۾ جيڪي روحن سان
شامل ٿي وڃڻ هوندا آهن انهن جو ڪاريگري جي ڪم ڪرڻ
کان پوءِ هو سيئي ٻي روح ماڻهن کي ڏينهن جي ساهون قطار ڪري
ڏيارينديو آهي ۽ جڏهن جي روح کي ڇڏي واسطيدار ماڻهوءِ جي
ڏي ڏي رکي آهستي آهستي هٿ سان ڏنب ڏنڪي ڪندو آهي ۽
انهيءِ وچ ۾ ڏينهن رات سان ڏڙ ڏندو رهندو آهي جيستن انهو
روح ڏينهن جي مقرر جاءِ تي آرام سان وڃي ويهي نه رهي آهي ۽
ڪم ڪن کي هي ڏاڍي خبرداري ڪرڻي ٿيندي آهي
ته جڏهن ڪنهن ڇڏيل ماڻهوءِ جو مثل ماڻهوءِ جو روح داخل ٿي
وڃي رهي ته ماڻهو ٿوري وقت لاءِ ساهه ڏيندو ويندو ۽ ڪن حالتن ۾ ڪي
روحن کي انهيءِ بدبودار جسم ۾ ڪيترائي ڀيرا داخل ٿيڻ کان
روڪيندا آهن ۽ ڏين ماڻهو ڏاڍين ڪري ڪوڙيا آهن ۽ خاص طرح
جادوگر ۽ ٻوڙا اهو ڪم ڏاڍي جام ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن
ڏڻ جڏهن ڀڄڻ ۽ مجرم يا گنهگار ڏينهن ڏوه يا گناهه جي اقرار
ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو ۽ تڏهن آڻان جو ڏينهن هڪ رومال
آڻي جو حڪم ڏيندو هو ۽ جنهن ڏينهن ماڻهن جي روح کي ڪاڍي
سندس جسم مان باهر ڪڍيو ويندو هو ۽ انهيءِ رومال جي ڏسڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان، يا اکثر رکيو ٿالي ٻڌڻ سان ئي مجرم گهٽو ڪري پنهنجو سڄو راز فاش ڪري ڇڏيندو هو، چو ته ٻيءَ صورت ۾ اهو روسال سندس مٿي تي تيسين ڦيرايو ويندو هو، جيسين سندس روح جسم مان نڪري انهيءَ روسال ۾ داخل ٿئي. روح کي اهڙي نموني سان ڦاسائي، روسال ۾ جڳيءَ طرح ويڙهي، ان کي سردار جي ٻڌيءَ جي ڪنڌ سان ميڙن سان ٽوڪي ڇڏيندا هئا، جنهن ڪان پوءِ اهو بدنصيب ڏوهي روح ڪان محروم هئڻ جي حالت ۾ اهڙو تر غر و اندوه ڪندو هو، جو آخرڪار ڪري مري ويندو هو. ڏينجر ٻيڻن جا جادوگر اهڙن روحن کي ڦاسائڻ لاءِ چار پکيڙي ڇڏيندا هئا، جي تاريل جيءَ مضبوط رسيءَ سان ٿهيل هوندا هئا. هنڌرنهن کان ولي ٽيهن فوٽن تائين ڊگها هوندا هئا. چارن جي ڪنڌن وٽ مختلف ماپ جون سرڪڻيون ٻڌل هونديون هيون، جي جدا جدا ٽولهه وارن روحن کي پکڙڻ لاءِ هونديون هيون ـ يعني ٽلهن روحن لاءِ ويڪريون ۽ سنهن لاءِ ننڍيون ۽ سوڙهيون. جڏهن ته ڪو اهڙو ماڻهو بيمار ٿيندو هو، جنهن واسطي جادوگرن جي دل ۾ ڪو بغض يا ڪينو هوندو هو، تہ ان حالت ۾ هو اهڙي ماڻهوءَ جي گهر جي ٻرسان روحن کي ڦاسائيندڙ اهڙا چار وجهي ڇڏيندا هئا ۽ سندس روح جي نڪرڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺا رهندا هئا. جيڪڏهن اهو روح ڪنهن پکيءَ يا جيت جي صورت ۾ چار ۾ ڦاسي پوندو هو تہ اها مريض جي يقيني موت جي علامت سمجهي ويندي هئي. اولهه آفريڪا جي ڪن علاقن ۾ جادوگر اهڙن روحن کي ڦاسائڻ لاءِ هميشه اهڙا چار وجهندا آهن، جي ننڍ جي حالت ۾ پنهنجن جسمن کان ٻاهر نڪري فرار ٿي ويندا آهن. جڏهن انهن جي چار ۾ اهڙو کو روح ڦاسندو آهي، تڏهن هو ان کي ٻاه جي مڇ مٿان ٻڌي ڇڏيندا آهن. جيئن اهو روح ٻاه جي مڇ مٿان سڙندو ۽ سڪندو ويندو آهي، تيئن ان جو مالڪ بيمار تندو ۽ سڙندو ويندو آهي. اهو ڪر ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ يا ان کان انتقام وٺڻ جي ارادي سان نہ، پر خالص ڪاروباري ۽ تجارتي نقطۂ نگاه کان ڪيو ويندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگر کي اهو ڏکر ڪونہ رهندو آهي تہ هن کنهن جو روح قابو آهي، هو ان کي واپس ڪرڻ لاءِ هروقت تيار رهندو آهي، بشرطيڪ هن کي ان جو موزون معاوضو ڏنو وڃي. کي جادوگر اهڙن پڪنڈن روحن لاءِ پاڻ وٽ باقاعدي هڪ حفاظتگاه رکندا آهن. ۽ ڪوبہ ماڻهو، جنهن جو اصلي روح گم ٿي ويو هوندو آهي، اتان ٿورن روح خريد ڪري پنهنجي جسم اندر داخل ڪرائي سگهندو آهي، اهڙن جادوگرن کي، جي. رلندڙ روحن لاءِ چارون وچائيندا آهن. يا حفاظتگاه بڻائيندا آهن، تن کي ڪوبہ ڏوه ڪونہ ڏيئي سگهندو آهي. اهو سندن هنر ۽ ذريعي معاش آهي، جنهن ۾ هنن جي دل ۾ ڪنهن لاءِ بہ ڪو بغض يا عداوت ڪائي هوندي آهي. پر کي اهڙا بہ ظالم ۽ بدنيت ماڻهو هوندا آهن، جيڪي چاڻي واڻي ڪنهن کي تنگ ڪرڻ ۽ ڪاوش پسن چڏائڻ لاءِ چار وچائيندا آهن ۽ اهڙن ماڻهن جا روح ڦاسائيندا آهن، جن مان کين ڪافي رقم ملڻ جي توقع هوندي آهي يا جن کي تنگ ڪري ۽ مرض ۾ مبتلا رکي، مارڻ جو ارادو هوندو اٿن. چار پي ورسان هڪ ڪتي رکندا آهن، جنهن ۾ تيز چاکو ۽ نوڪدار ڪنڌيون هونديون آهن، جن سان اهي ويچاري قاتل روح کي زخمي ڪري يا اسالڪ ماري چڏيندا آهن. مجروح روحن کي چاڻي واڻي هن ڪري چڏي ڏيندا آهن تہ جڏهن اهي پنهنجن جسمن ۾ وڃي داخل ٿين تڏهن انهن جسمن جا مالڪ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿين. مس ڪنگسلي هڪ اهڙي ڪرومين شيديءَ کي سچائيندي هئي، جو اوچتو ئي اوچتو پنهنجي روح لاءِ ڏاڍو فڪرمند رهڻ لڳو. چو تہ هن کي راتين کان وٺي خواب ۾ روزانو ڪاڙهن مزيدار ۽ ڪل مڇيءَ جي خوشبوءَ اينديءَ محسوس ڪئي هئي، جنهن مان هن هي انوسان ڪڍيو تہ هندس ڪنهن دشمن ان جي روح کي قابو ڪري لاءِ پنهنجي چار جي ڪنيءَ ۾ انهيءَ قسم جو لذيذ طعام رکيو هوندو. ان کان پوءِ گهڻين راتين تائين پنهنجي روح کي باهر نڪري وڃڻ کان روڪڻ لاءِ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيڪ ٻاڻ تانڪيار ڪيا ۽ خط استوا جي ويجهو ٿائي ۽ اوري علائقي
جي گرم رات ۾ جڏهن اهو شخص ڪنڊي ۽ ڏيڏر هيون سليڙهيون هڪ هنڌ
ليڪو ۽ ٻيو هوندو هو ۽ روح جي اخراج جا جسيا ڏيڻا ۽ راهون ٻڌڻ
ڪري ڇڏيون هائين ۽ واتا ۾ نڪ ڪي روڪ ڏيڻ ڪري
ٻڌي ڇڏيو ويا ٿين ۽ سڄي سڄي رات گرمي ۽ هنڌ ڦوڪ ڏيندو
رهندو هو ۽ اهڙن ڪنهن به بحالت ۾ هڏڻ ڪي روح ڪلي ٻاهر
نڪري ڪائنات جي ڪڏي ڏيڻ واسطي ڏهڪ ڪرڻ ڪوڙ رهو ۽ هوائي
نالي ڏيڻ ۽ ڪي اهڙا جادوگر ٿا ٿئڻ هتان جي ماڻهن جي روحن
کي ٻاهرين جي ڪائنات ۾ ڪي ڪائنات لاءِ ڏيڻ ۽ جيڪڏهن
ڪنهن جادوگر کي ڪا اوڙي جاءِ معلوم ڪوڙي هوندي هئي
جتي ڪنهن ماڻهوءَ کي پوشيده طور قتل ڪري ڏفن ڪيو ويو
هوندو ۽ ته هو ڪنهن جي روح کي چيڻ ۽ ڏيڻ سان اهڙي
واڙ فاش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهندو هو ۽ ۽ ڪنهن
ڪنهن جادوگر کي ڪا اوڙي جاءِ معلوم ڪوڙي هوندي هئي
جتي ڪنهن ماڻهوءَ کي پوشيده طور قتل ڪري ڏفن ڪيو ويو
هوندو ۽ ته هو ڪنهن جي روح کي چيڻ ۽ ڏيڻ سان اهڙي
واڙ فاش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهندو هو ۽ ۽ ڪنهن
جي ڏنيل جي ڪنهن ٻي شخص جي روح کي اغوا ڪرڻ جي
هنر ۾ ملايا ڪان زياده مهارت ۽ ڪاريگري ڏيڻ ۽ ڪانه سگهي
آهي ۽ جن ۽ ان جي ڪنهن ٻي ڪنهن ۾ ڪنهن ڪنهن ڪنهن
آهن ۽ جيڪي ڪنهن ملايا وارن وٽ ايجاد ڪيا آهن ۽ جن جو جادوءَ کو
انيڪ طريقن ۽ ذريعن سان ڪنهن جي ڪنهن ڪنهن ڪنهن
آهي ۽ جن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ هو آهي ڪارنامو ڪيو آهي
سي ٻن متعلق هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڏهن ڪنهن ڪنهن
فيلو ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنهن ڪنهن
معشوق جي دل کي قبضي ۾ آڻڻ جي ارادي سان آهي ڪيو آهي
جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن جي جادوءَ جي مثال طور ڪڏهن ڪنهن
ماڻهوءَ جي روح کي تسخير ڪرڻ واسطي ان کي ڪنهن ڪنهن جو ارادو
ڪندو آهي ۽ ڪڏهن هو سائل جي تعويذ لاءِ ڪنهن ڪنهن جوڻ
هدايتون جاري ڪندو آهي ۽ ڪڏهن جي ڪنهن ڪنهن رات ڪڏهن
انهن تازو ڪنهن ڪنهن ڪڏهن ڪهڙ ڪان ٻاهر ڪنهن جي
منجو ڪنهن ڏائي ڪنهن رکي ڪنهن جي ڪنهن ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان- مان هيڏان لفظ- ٻيهي ادا ڪرڻ گهرجن:

"آءُ جڏهن ٻنهنجو تير چوڙيان ٿو، تڏهن چنڊ جي روشنائي ڪيئن ٿي وڃي ٿي،

آءُ تير چوڙيان ٿو، تہ سج وسامي وڃي ٿو،

آءُ تير چوڙيان ٿو، تہ ستارا جهڪا ٿيڻ ٿا وڃن،

پر آءُ سج، چنڊ ۽ تارن کي تير نہ ٿو هڻان،

آهي آءُ فلاڻي سنگدل جي جگر ۾ پيوست ٿو ڪرڻان ٻ

ڪڪ ڪڪا! اي فلاڻي جا روح، آڇي موت سان گهر

مون سان گڏ اچي ويهہ، گڏ اچي سمهہ ۽ هڪ ٻيهائي تي مٽ

ڪڪ ڪڪا! اچي وڃ، اچي وڃ، اي روح!

اهو منتر ٻي دفعا پڙهبو آهي ۽ هر دفعي مٽ وارين توڙي

کي وات سان وڃائبو آهي، جيڪڏهن رائين نہ ڪبو تہ اهو روح

پڙهڻ واري جي پڳ ۽ ڪامي ٻوندو وري چوڏهين رات ۽

ان کان پوءِ ٻن ٻن رائين تي ٻاهر وڃي ڪنهن گند جي ٻيرٽي

ويهي، ڏوپ ٻاري، هيئون منتر پڙهي گهرجي:

"مون تنهنجي ڪائر لاءِ ٻان جو ٻن آڏو آهيان،

ان تي چونو ٿڦ، اي غصيلا شهزادي!

— بادشاه جي ڏيڻ، بيقراريءَ جي ڪائر لاءِ

... جيئن صبح جو سوير (فلاڻي) سنهنجي محبت ۾ مبتلا ٿي

۽ وري شام جو ٻ ان کي اهائي بيتابي رهي

مون کي ٻ اڄ ئي ياد ڪر، جيئن ٻي ڪنهن کي ئي ياد ڪيو

جيئن گهر ۽ گهر واري کي ڪي ياد ڪندا آهن، جيئن

مون کي ٻ ياد ڪر

جڏهن آسمان کي ڪجوڙ ڍڪائي، تڏهن تہ مون کي ياد ڪر

هوا جڏهن سوسات ڪري، تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ

آسمان مان جڏهن پاڻي ٽپڪي، تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ

ڪڪر جڏهن ٻانگون ڏين، تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ

سج ڏانهن جڏهن منهن نهارين، تڏهن مون کي فراموش نہ ڪجانءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن چنڊ جي چانڊوڪي ڏسين، تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ.
انهيءَ سا ڪئي چنڊ ۾ آءٌ پاڻ ويڙو هوندو آهيان.
"ڪڪ ڪڪ!" اي (فلاڻيءَ جا) روح! مون ڏانهن هڪدم
هليو آءٌ!
آءٌ پنهنجي روح کي تو ڏانهن ڪونہ موڪلينديس.
تون پنهنجي روح کي مون ڏانهن موڪل!"

ان کان پوءِ هر رات چنڊ ڏانهن نهاريندي. پنهنجي پٽڪي کي
کي ست دفعا جهٽڪا ڏيئ گهرجن. گهر وچ کان پوءِ انهيءَ
پٽڪي کي ويهاڻي هيٺان رکي گهرجي. ۽ جيڪڏهن ڏينهن جو
ان کي مٽي ۽ وجهڻو ٿي پوي، تہ ان کي لوبان جو واس ڏيئي هيئن
چوڻ گهرجي: "هيءَ کو پٽکو ناهي، جو آءٌ مٽي تي ڪٽي ڇڏي
رهيو آهيان، پر اهو (فلاڻيءَ) جو روح آهي."

برٽش ڪولمبيا ۽ "ناس" درياه جي ڪناري تي آباد ڪاڙهن
هندستاني قبيلن وارن ماڻهن جي دلين ۾ اهو وهم هوندو آهي تہ
ڪڏهن ڪڏهن ويچ پنهنجي مرض جي روح کي غلطيءَ کان
گهرڪائي ويندو آهي. جڏهن ۾ ڪنهن اهڙي ويچ جي واسطي
کين انهيءَ قسم جو وهم ويهجي ويندو آهي، تڏهن انهيءَ بدنصيب
ويچ کي مريض جي مٿان اپوڪري بيهاريندا آهن، ۽ انهن سان
هڪ ڇٽو اهڙي ويچ جي گلي ۾ پنهنجون آڱريون لنگهائيندو
آهي، تہ پيو وري ان جي پيٽ کي پنهنجين آڱرين جي ڏوڙن سان
اڻي واڪر ڪوهيندو آهي، تہ ٽيون وري سندس ڪمر وٽ زور سان
مڪون ٽوڪيندو آهي. انهيءَ ڪاروائيءَ کي ختم ڪرڻ کان
پوءِ ۽ جيڪڏهن روح ان سان واپس ڪونہ نڪرندو آهي ۽ اهو
سلوڪ هڪ ڪري جڏهن قبيلي جي سينيٺ ويچن ٻڌان ڪيو
ويندو آهي ـ تڏهن آخر ۾ هيءَ فيصلو ڪيو ويندو آهي تہ اهو
وڃائجي ويل روح سيني کان وڏي ويچ جي ڏوائن واريءَ صندوق
۾ بند هوندو. ان کري ڪوٽ جا سڀ حڪيم ڪٺا ٿي ان جي
گهر ويندا آهن ۽ ڪيس عرض ڪندا آهن تہ "مهرباني ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجيئن دوائن جي صندوق کي باهر ڪڍي اڇ!" جڏهن هو اها صندوق ٻاهر ڪڍي ايندو آهي، ۽ سڀ دوائون باهر ڪڍي هڪ ٿين تڏي تي ٽاڪي رکندو آهي، تڏهن ويچاري حڪيم‌الحڪما ڪي لنگن ڪان ڇهليئي زمين ۾ ڪوٽيل هڪ سوراخ مٿان اوندو ڪري سندس مٿو ڏوڻندا آهن، ۽ جيڪو پاڻي هيٺ سوراخ ۾ ڪرندو آهي، سو گڏ ڪري مريض جي مٿي تي هاريو ويندو آهي.

۳- **روح هڪ پاڇي يا عڪس جي صورت ۾:** ۽ روح جي جن خطرن جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، تن کان علاوه ٻيا ۽ ڪيترائي اهڙا خدشا هڪ وحشيءَ جي دماغ ۾ روح جي متعلق پريل هوندا آهن. بسا اوقات هو پنهنجي ساڃي يا پاڇولي کي پنهنجو روح يا ڪم از ڪم ان جو ڪو اهم حصو سمجهندو آهي. جنهنڪري اهو لازمي طور هن لاءِ ڪنهن نه ڪنهن خطري جو سبب رهندو آهي. جو تہ جيڪڏهن ان کي لتاڙيو، ماريو يا خنجر هنيو ويندو، تہ هو پاڻ ۾ اهڙي ئي تڪليف محسوس ڪندو. جڏ تہ اهو ضرر خود سندس جسم کي پهچي رهيو آهي، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪانئس بلڪل عليحده ڪيو ويندو (جيئن ڪيس اهڙي امڪان جي خاطري هوندي آهي) تہ ان حالت ۾ هو مرندو، ويندو. ويڙار پيٽ ۾ اهڙا ۽ جادوگر آهن، جي ساڻهوءَ جي پاڇي کي پالي سان زخمي ڪري يا ترار سان وڍي ان کي بيمار ڪري سگهندا آهن. شڪر جڏهن هندستان جي پوڙين کي نيست و نابود ڪيو، تڏهن هن نيپال جو سفر اختيار ڪيو، جتي هن کي عظيم لاما سان مقابلو ڪرڻو هو. پنهنجين فوق لفطري قوتن کي ثابت ڪرڻ لاءِ هو مٿي آسمان ۾ چڙهي ويو. ۽ جيئن هو مٿي چڙهيو، تيئن عظيم لاما، هن جي پاڇي کي زمين تي لڏندو لمندو ڏسي، پنهنجو خنجر ڪڍي ان ۾ ٽوڪيو، ۽ شڪر هيٺ ڪري پيو ۽ سندس ڪنڌ ڇڄي ڏيو.

ٻئنڪ جزيرن ۾ عجيب و غريب صورت وارا چند ڏڳا ۽ سنها ٿڙ آهن، جن ۾ عام اعتقاد مطابق، انتهائي طاقتور ۽ خطرناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوت رهن ٿا، جنهنکري انهن پٽرن کي "کائينڈز پوتن" سڏيو ويندو آهي. چوندا آهن ته جيڪڏهن انهن ماڻهن کي ڪنهن هڪ ٽيڻ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو پاڇو پڄي ويو ته ان جو خير ناهي، چو ته ان ۾ رهندڙ پوت سندس روح کي ڇڪي باهر ڪڍي ونڊو ۽ هو مري ويندو. چنانچه انهن پٽرن کي هڪ ڇاءِ اندر رکيو ويو آهي ۽ ان تي پهرو مقرر ڪيو ويو آهي. ان ڪري جڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ ڇاءِ جي مالڪ لاءِ ڪو نياپو کڻي اينڊو آهي ۽ اهو ماڻهو اتفاق سان غير موجود هوندو آهي، ته اهو پيغامبر هڪدم انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو ونڊو آهي، جنهن ان کي نياپي سان موڪليو هوندو آهي، ته متان پٽر ۾ رهندڙ خبردار پوت سمجهي ته هو ڪنهن بري ارادي سان اتي آيو آهي. جڏهن ڪنهن ميت کي ڪفن جي صندوق ۾ بند ڪندا آهن ۽ جنهن وقت صندوق جو مٿيون ڍڪ ٺوڪيو ويندو آهي ان وقت سواءِ قريب ترين عزيز جي، ٻيا سڀ ڪاندي ٻڌي هٽي ويندا آهن يا گهٽو ڪري ٻئي ڪمري ۾ هليا ويندا آهن، جو ته انهن کي هيءَ خطرو رهندو آهي ته متان سندن سايو ظاهر ظهور يا لڪي ڇپي صندوق ۾ بند نه ٿي وڃي. ۽ ان ڪالهه کي انتهائي برو سمجهيو ويندو آهي، چو ته عام اعتقاد هيءَ آهي ته اهڙي ماڻهوءَ جي صحت کي، جنهن جو پاڇو صندوق اندر رهجي ويندو آهي، نهايت نقصان پهچندو آهي. جڏهن وري ڪفن جي صندوق کي قبر ۾ هيٺ لاٿو ويندو آهي، تڏهن ۾ سيٿي ڪاندي قبر جي ڪڪ ڪاڻ دور هٽي ويندا آهن ته متان سندن پاڇو قبر اندر رهجي وڃي ۽ ڪنهن کي ضرر رسي. انهن جو جوتشي ۽ ان جو نائب قبر جي هڪ طرف ڪان ٻيهندا آهن، جنهن کي سڄ جي مخالف سمت ۾ ڪوٿو ويندو آهي. گورڪن ۽ سندس ساٿي پنهنجن پاڇن کي پنهنجن جسمن سان زور سان ٻڌي ڇڏيندا آهن، جنهن لاءِ اهي صرف پنهنجين چيلهين کي ويڪرو ڪپڙو مضبوطيءَ سان ٻڌندا آهن. ٻيو ته نه فقط ماڻهن جي پاڇن کي ضرر رسائي انهن جي مالڪن کي بيمار ڪري سگهجي ٿو، پر جانورن سان ۾ ٻاڪٽي قسم جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعديون ڪون ويندين آهن. پراڻ جي چوڻي وارين ٽڪرين ۾ هڪ قسم جو چڙ ٽيندو آهي، جنهن لاءِ هيءَ مشهور آهي ته اهو جانورن جي پاڇي کي چنبڙي انهن جو رت چوسيندو آهي، جنهنڪري ڏور ڏڪا ڪري هڏا ٽي ويندا آهن ۽ آخرڪار مري ويندا آهن. قديم زماني جا عرب چوندا هٿا ته جيڪڏهن چراخ ڪنهن ماڻهوءَ جي پاڇي مٿان لنگهي ويندو ته اهو ماڻهو بيحس و حرڪت ۽ ڪنگو ٽي پوندو، ۽ جيڪڏهن ڪو ڪتو جانڊوڪيءَ رات ۾ گهر جي ڇت مٿان چڙهي بيهي ۽ هيٺان ڪو چراخ ان جي پاڇي کي اورانگهي وڃي ته اهو ڪنو في‌الفور هيٺ اچي ڪرندو، جڏ ته ڪنهن ان جي گردن ۾ رسي وجهي هيٺ ڇڪيو هجيس. واضح آهي ته انهن حالتن ۾ پاڇي کي جيڪڏهن روح نٿو سمجهيو وڃي، ته به ان کي ماڻهوءَ يا جانور سان تعلق رکندڙ ڪا ساه واري شيءَ ضرور سمجهيو وڃي ٿو، جنهن کي ضرر پهچائڻ سان انهيءَ ماڻهوءَ يا جانور کي به ساڳيو ڇيهو رسائي سگهجي ٿو.

ساڳئي اعتقاد جي ماتحت وري ڪن هنڌن تي ائين سمجهيو ويندو آهي ته جنهن صورت ۾ پاڇو ماڻهوءَ يا جانور جي وجود جو اهم حصو آهي، ان ڪري ڪنهن جي پاڇي سان لڳ ڪري اهو ئي اثر رونما ٿيندو، جڙو هوند انهيءَ پاڇي واري ماڻهوءَ يا جانور سان جسماني لهه وچڙ ۾ اچڻ سان ٿيندو. چنانچه، گهٽا وڌي خطرناڪ ۽ نقصانڪار ماڻهن جي پاڇي کي اوراتگهڻ کان ڪٿي ڪندا آهن. اهڙن نقصانڪار ۽ خطرناڪ ماڻهن جي طبقي ۾ هو ماتر ڪندڙ، عام عورتن ۽ خاص طرح ڦنهنجيءَ سس کي شمار ڪندو آهي. شسواپ قبيلي جا ڪاڙها هندستاني چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن ماتر ڪندڙ مرد يا عورت جو پاڇو مٿانئن پوندو ته اهو کين بيمار ڪري وجهندو. وڪٽوريا ڊئي جي ڪنارن تي رهندڙ ڪرنائي قبيلي وارا جڏهن نوجوان ڇوڪرن کي ڦنهنجي قبيلي ۾ باقاعدي داخل ڪرڻ جي رسم ادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن، تڏهن سندن ڀريو مڙس انهن کي هر عورت جي سامي کان، پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ سخت تاڪيد ڪندو آهي. چو جو ان حالت ۾ اهي لاغر، موڪا ۽ احمق ٿي پوندا، هڪ دفعو هڪڙو آسريلوي وحشي اهڙيءَ حالت ۾ ڊپ وچان ڏري گهٽ ٻري ويو هو، چو ته جيئن هو ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ سمهيو پيو هو، تيئن هن جي مٿان سندس سس جو ساڀو پڄجي ويو. انساني هلت چلت جي سائنس جي اڀياس ڪندي اسان کي اهڙا ڪيئي مثال ملن ٿا، جن ۾ هڪ ان ڀرهيل ۽ جاهل وحشي پنهنجيءَ سس کي ڏاڍي ڊپ ۽ خوف جي نظرن سان ڏسي ٿو. نيو سائوٿ ويلس جي علائقي ۾ رهندڙ يوئن قبيلي وارن وٽ هڪ اهڙو قانون آهي، جنهن مطابق ڪنهن به نائيءَ کي پنهنجيءَ سس سان گالهائڻ جي سخت ممانعت ٿيل هوندي هئي. ڪيس- پنهنجي سس جي طرف يا ان جي شڪل ڏانهن نهارڻ کان به منع ٿيل هئي. جيڪڏهن اتفاق سان سندس ساڇو سندس سس مٿان وڃي پوندو هو، تہ ان حالت ۾ هن کي پنهنجيءَ زال کي ڇڏي ڏيڻو پوندو هو ۽ هوءَ پنهنجي والدين جي گهر وڃي رهندي هئي. نيو برٽن جا اصلوڪا باشندا پورو شمار ئي ڪونہ ڪري سگهندا آهن تہ سس سان اتفاقاً گالهائڻ ڪري مٿن ڪيتريون ۽ ڪهڙن ڪهڙن قسمن جون آفتون ۽ شامتون نازل ٿيندڙ آهن. نيو برٽن جو قديم رهاڪو جيڪو وڏي ۾ وڏو قسم ڪٽندو آهي، سو هي آهي تہ "جيڪڏهن آءٌ ڪوڙ گالهائيندو هجان، تہ شل مون کي پنهنجيءَ سس سان هٿ ملائڻو پوي."

جڏهن ڇاڇي جو ماڻهوءَ جي زندگيءَ سان اهڙو گهاڻو ۽ قريبي تعلق سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جي غائب ٿيڻ کي ماڻهوءَ جي بيماريءَ، ڪمزوريءَ يا موت جو باعث تصور ڪيو وڃي ٿو، تہ لازمي آهي تہ ان جي گهٽجڻ يا نندي ٿيڻ کي به انتهائي خوف ۽ فڪر جي نظرن سان ڏسڻ ڪهي، چو تہ ان ڪري ڇاڇي جي مالڪ جي طاقت ۽ توانائي ۾ اوتري تناسب سان گهٽجي ويندي. ائمبائنا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الٽيس جي ٻن ننڍڙن ٻيٽن ۽ جي خط استوا جي بلڪل قريب آهن ۽ جتي منجهند جو ماڻهوءَ جو پاڇو لازمي طور يا تہ بلڪل ڪوڏ هوندو آهي يا وري تمام ننڍڙو ٿي ويندو آهي، اتي ماڻهن منجهند جو گهرن کان ٻاهر نہ نڪرڻ کي قانوني حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي، ڇو تہ هو سمجهندا آهن تہ اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو پنهنجي روح کي هيٺ سان وڃائي ويهي رهندو. مٿيڪيئين قبيلي وارا ٽڪيٽاوا نالي هڪ اهڙي بهادر سپاهيءَ جي گالهہ ڪندا آهن تہ ان جي طاقت سندس پاڇي جي وڏڻ ۽ گهٽجڻ جي تناسب سان وڌبي ۽ گهٽبي هئي. صبح جي وقت، جڏهن ان جو پاڇو ڊگهي ۽ ڊگهو هوندو هو، تڏهن ان جي قوت ۽ اوتري ئي قدر گهٽي ۽ گهٽي هوندي هئي، تان جو ٻن پهرن وقت، جڏهن ان جو پاڇو بلڪل غائب ٿي ويندو هو، تڏهن سندس طاقت ۽ قريباً ختم ٿي ويندو هئي، ۽ پوءِ شام جو جيئن جيئن سندس پاڇو وڌي ڊگهو ٿيندو ويندو هو، تيئن تيئن سندس طاقت ۽ وري عود ڪري ايندي هئي. هڪ بهادر ماڻهوءَ ٽڪيٽاوا جو اهو راز ڄاڻي ورتو ۽ موقعو ملي منجهند جو ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. ملايا جي برمي نالي هڪ وحشي قبيلي وارا پنهنجي ڪنهن ۽ عزيز يا دوست جو جنازو منجهند وقت دفن ڪرڻ ڪونہ ويندا آهن، ڇو تہ هو سمجهندا آهن تہ سندن پاڇي جي ڪوتاهيءَ ڪري سندن باقي بچيل دنيوي زندگي ۾ گهٽ ٿي ويندي.

ڏکڻ اوڀر يورپ ۾ اڄ تائين ۽ اهڙيون مثعدد رسمون مروج آهن، جن مان هيءَ ڪالهہ صاف ظاهر آهي تہ اهي ماڻهوءَ جي دنيوي زندگيءَ ۽ سندس سايي جي درميان قريبي تعلق موجود سمجهندا آهن، ۽ اهو معلوم ڪري پرهندڙن کي حيرت ٿيندي تہ دنيا جي ڪنهن ۽ حصي ۾ انهيءَ اعتقاد ۾ ماڻهن جو اهڙو پختو يقين ڪونہ آهي، جهڙو هن تهذيب يافتہ يورپي ماڻهن جو. جديد يونان ۾ جڏهن ۽ ڪنهن نئين جاءَ جو سنگ بنياد رکيو ويندو آهي، تڏهن ڪڙ، گهيٽو يا رڍ ذبح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙي ان جو رت سنگ بنياد کي ڏيو ويندو آهي ۽ بعد ۾ انهيءَ ذبح ٿيل جانور کي عمارت جي بنياد هيٺان دفن ڪيو ويندو آهي. انهيءَ رسم جي ادائگيءَ سبب جاءِ جي بنيادن ۾ مضبوطي ۽ پائداري ايندي آهي. ۽ ڪن وقتن تي جانور يا پکيءَ کي ذبح ڪرڻ بجاءِ جاءِ جو مالڪ ڪنهن نموني سان ڪنهن ٿ ڪنهن ماڻهوءَ کي جاءِ جي بنياد وٽ سڏي اهڙي هنڌ بيهاريندو آهي جو ان جو پاڇو بنيادن وٽ پوي. مالڪ مڪان خفيه طور ان ماڻهوءَ جو بدن يا ان جو ڪو حصو يا سندس پاڇو ماپي ويندو آهي ۽ انهيءَ ماپ کي سنگ بنياد هيٺان دفن ڪيو ويندو آهي. يا وري جنهن جاءِ تي ماڻهوءَ جو پاڇو پوندو آهي، تنهن کي مالڪ مڪان جاچي چڏيندو آهي ۽ بعد ۾ سنگ بنياد کي عين انهيءَ جاءِ تي رکائيندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هيءَ ڳالهه مشهور هوندي آهي ته هو هڪ سال جي دوران ۾ موري ويندو. ٽرانسلوانيا ۾ رهندڙ روسائيءَ نسل جا ماڻهو چوندا آهن ته جنهن به ماڻهوءَ جو پاڇو اهڙي نموني سان عمارت جي بنياد ۾ دفن ٿي ويندو آهي، سو جاڻهن ڏينهن جي اندر ئي اندر مري ويندو آهي. چنانچه جڏهن به ڪو اجنبي راهگير ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تان لنگهندو آهي، جنهن جا بنياد پڌجي رهيا هوندا آهن، تڏهن اتان ڪنهن ٿ ڪنهن طرف کان آواز ايندو آهي ته "خبردار ٿجانءِ. ستان پاڇو ڪجي ولنئي!" ٽورائي سالڳيا جو پاڇن جي ماڻ جي تجارت ڪندڙ ماڻهو، رازن کي اهڙيءَ سوڙون ماپ جو پاڇو وڪٽندا هئا، جو انهن جي مخصوص ديوارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهيو ويندو هو. انهن حالتن ۾، پاڇي جي پيمائش کي بذات خود پاڇو تصور ڪيو ويندو آهي، ۽ ان کي دفن ڪرڻ خود پاڇي يا ان جي مالڪ جي روح ۽ حياتيءَ کي دفن ڪرڻ سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري پاڇي جي ان مالڪ کي ضرور مرڻ گهرجي. چنانچه اها رسم انهيءَ قديم رواج جي نشاني آهي، جنهن موجب نئين عمارت جي سنگ بنياد هيٺان زنده ماڻهوءَ کي هن ارادي سان دفن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيو ويندو هو ته جيئن جاءِ جي بنيادن ۾ مضبوطي ۽ استحڪام پيدا ٿئي. يا صاف لفظن ۾ چئجي ته انهن ماڻهن جو مقصد هي هوندو هو ته مدفون لاش جو غصي ۽ ٻوٽ عمارت کي چورن چڪارن جي خطري کان سلامت ۽ محفوظ رکي.

جهڙي طرح ڪي ماڻهو پاڻ ۾ روح کي مقيم سمجهندا آهن، تهڙي طرح ڪي ٻيا (يا خود اهي ٻ) ان کي آرسي يا پاڻي جي عڪس ۾ موجود سمجهندا آهن. چنانچه انڊيا ۽ ٻين جا قديم النسل باشندا پاڻي ۾ نظر ايندڙ ته پر آرسي ۾ نظر ايندڙ پنهنجي عڪس کي روح سمجهندا آهن. نيوگائنا جي موڙوسوڙو قبيلي وارن جڏهن پهريون دفعو آئينو ڏٺو، تڏهن هنن سمجهيو ته سندن عڪس انهن جو روح هو. نيو ڪئليڊونيا جي بزرگن جو خيال آهي ته پاڻي يا آئيني ۾ نظر ايندڙ سندن عڪس انهن جو روح هوندو آهي. پر نوجوان طبقي وارا جن کي ڪٿوڪ فرقي وارن سمجهايو آهي ته اهو سندن اهڙو ئي عڪس آهي جهڙو ڪجي جي وڻ جو پاڻي ۾ عڪس نظر ايندو آهي، چوندا آهن ته جيئن ته پاڻي واري روح وانگر، عڪس وارو روح به خارجي روح آهي، ان ڪري بنهي ڪي بلڪل هڪ جهڙن ئي خطرن جو انديشو درپيش آهي. تنهنڪري عڪس واري روح جي سلسلي ۾ زياده خوفزده ٿيڻ ته گهرجي. زولو قبيلي جا حبشي ڪنهن به چشمي ۾ ته نهارڻ ڏينداآهن، ڇو ته انهن کي انديشو هوندو آهي ته انهي ۾ جيڪو خطرناڪ جانور رهندو هوندو آهي. سو سندن عڪس کي ڇڪي هيٺ گهلي، ڪاٽي ڇڏيندو. جنهنڪري هو مري ويندا. باسوٽو قبيلي وارا چوندا آهن ته واڻ کي ڪٿي عڪس واري روح کي پاڻي ۾ ڇڪي ٽوڙي ڪاڻ جي طاقت آهي، جنهنڪري اهي جنهن به ماڻهو جي روح کي ڇڪي هيٺ ڪٽي ويندا آهن، سو مري ويندو آهي. جڏهن انهن مان ڪو به اوچتو بغير ڪنهن ظاهري بيماري جي مري ويندو آهي، تڏهن ان جا ماڻهو چوندا آهن ته هن ڪنهن نه ڪنهن وقت ڪا نهر يا ندي پار ڪئي هوندي ۽ ان وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو واکو ان جي عکس کي چڪي پاڻيءَ ۾ هيٺ ڪڍي ويو هوندو ۽ ان کي ڪائي چڏيو هوندائين. ميلانيشيا جي سنڊل ٻيٽ ۾ هڪ اهڙو چشمو آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي ته جيڪو به ان ۾ نهاريندو، سو مري ويندو. ان ۾ جيڪو بد روح رهندو آهي، سو پاڻيءَ تي پوندڙ عکس تي قبضو ڪري ان ماڻهوءَ کي ماري چڏيندو آهي.

هاڻي اسان کي هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي ته چو قديم يونان ۽ هندستان ۾ پاڻيءَ اندر ڏسجندڙ ماڻهوءَ جي عکس ڏانهن نهارڻ جي ايتريقدر سخت منع ٿيل هوندي هئي ۽ چو يوناني خواب ۾ پنهنجي عکس ڏسڻ کي موت سان تعبير ڪندا هئا. انهن کي هي خوف هوندو هو ته پاڻيءَ ۾ رهندڙ بد ارواح ماڻهوءَ جي انهيءَ عکس يا روح کي چڪي پاڻيءَ جي تري ۾ ڪڍي ويندا، جنهڪري انهيءَ بي-روح ماڻهوءَ کي ڪجهه عرصي بعد مرڻو پوندو. قديم يوناني ڏندڪٿا، جنهن ۾ شهزادو 'نرگس' (*Narcisus*) پاڻيءَ ۾ پنهنجو عکس ڏسندي ڏسندي ڪري ڪري مئو هو، تنهن جو اصل بنياد به اهوئي نظر اچي ٿو.

هينئر ته هيءَ ڳالهه به آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿي ته چو ڪن علائقن ۾ جڏهن ڪنهن گهر ۾ موت واقع ٿيندو آهي، تڏهن جاءَ ۾ لٽڪيل سيني آرسين کي ڦيرائي انهن جا روشن رخ ديوار ڏانهن ڪيا ويندا آهن. هنن کي اهو خوف هوندو آهي ته متان سندن روحن کي، جي آئيني جي عکس ذريعي باهر نڪتل ٿين ٿا، مئي ماڻهوءَ جو روح پاڻ سان گڏ وٺي هليو وڃي؛ چو ته عام اعتقاد مطابق مئي ماڻهوءَ جو روح پنهنجي دنيوي جاءَ رهايش ۾ ڪجهه عرصي تائين ضرور ترسيل هوندو آهي. اها رسم پنهنجي مطلب ۽ مفهوم ۾ آرو قبيلي وارن جي انهيءَ رسم سان بلڪل مشابهت رکي ٿي، جنهن موجب اهي اهڙي گهر ۾ نه سمهندا آهن، جنهن ۾ تازو کو موت واقع ٿيو هوندو آهي، چو ته کين ڊپ هوندو آهي ته متان سندن ارواح، جيڪي نئين جي حالت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم کان ٻاهر نڪري سير سفر ڪن ٿا، مُئي ماڻهوءَ جي روح سان ملي وڃن، ۽ اهو روح سندن روحن کي ٻ پاڻ سان گڏ ولي هليو وڃي. ساڳيءَ طرح بيمار ماڻهوءَ کي جو آڻينو نه ڏسڻ ڏيندا آهن، يا ان جي ڪمري ۾ جيڪي ٻ آڻينا لڪيل هوندا آهن، تن کي ڏسيو ويندو آهي، تنهن جو سبب ٻ صاف ظاهر آهي. بيماريءَ جي دوران ۾ جڏهن روح آسانيءَ سان فرار ٿي ويندو آهي، تڏهن ان کي آئيني جي عڪس ذريعي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ڏيڻ خاص طرح خطرناڪ هوندو آهي. اهو قانون انهيءَ رسم سان بلڪل مشابهت رکي ٿو، جنهن مطابق کي ماڻهو بيمار کي سمهڻ ۽ ننڊ ڪرڻ نه ڏيندا آهن، چو ته بيماريءَ جي حالت ۾ ٻ روح جسم کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ؟ ان کي ننڊ ۾ آسانيءَ سان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ٻ خطري کان خالي ناهي، چو ته ننڊ ۾ ٻاهر نڪري وڃڻ بعد، امڪان آهي ته اهو وري مريض جي جسم ۾ ٻيهر نه اچي.

ٻاچن ۽ عڪسن وانگر تصويرن ۾ ٻ روح جي موجودگي سمجهي ويندي آهي. عام طرح اڻين سمجهيو ويندو آهي ته انهن ۾ تصوير ڪيڻ وارڻ ماڻهن جا ارواح سمايل هوندا آهن. جيڪي ماڻهو اهڙي قسم جا اعتقاد رکندا آهن، سي تصويرن ڪيڻ کان نفرت ڪندا آهن. چو ته جيڪڏهن تصوير ماڻهوءَ جو روح آهي يا جيڪڏهن اڌا ان ماڻهوءَ جي وجود جو اهم حصو آهي ته پوءِ جنهن ماڻهوءَ وٽ ٻئي ڪنهن جي تصوير موجود هوندي، سو ان جي ذريعي تصوير واري ماڻهوءَ تي هر اثر وڌهي سگهندو. ٻرنگ ڪڇي ڏرتيءَ ۾ رهندڙ ايسڪيمو قبائل چوندا آهن ته جيڪي پوپا جادو ڪندا آهن، تن کي ماڻهن جي ٻاچي چورائڻ جي طاقت هوندي آهي، جن کان سواءِ اهي ماڻهوگري سڙي ۽ مري ويندا آهن. هڪ دفعي جنوبي يوڪان ماڙيءَ ۾ هڪڙي سياح پنهنجي ڪئميرا اهڙي هنڌ نصب ڪئي، جتان هو انهن ماڻهن جي گهرن جي اندروني حصن جون تصويرون ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي سگهيو. جنهن وقت هو ڪئميرا جو فوڪس وڌي رهيو هو، تڏهن قبيلي جو سردار اتان اڇي لانگهائو ٽيو ۽ فوٽو گرافر تي زور ڪيائين نہ "مون کي انهيءَ ڪپڙي اندران ڏسڻ ڏي." تڏهن ڪيس انهيءَ ڀالهه جي اجازت ملي. ۽ هن شيشي ۾ ننڍڙا ماڻهو چرپر ڪندي ڏٺا. تڏهن هن پنهنجو منهن ڪوڙي ڪان ٻاهر ڪڍي وڏي واڪا ڪرڻ شروع ڪيا تہ "اڙي ڏوڙئو، اچو هن ٽوهان ۾ ٻيو جا روح پنهنجي ننڍڙيءَ صندوق ۾ بند ڪري ڇڏيا آهن." ڪوٽ وارن ۽ اڇي ٽاکوڙو پيو ۽ هڪ ٻئي سان ڪرندا، ٽڙندا، ٽاپڙندا وڃي پنهنجن گهرن اندر لڪا. ميڪسيڪو جا ٽپهوٽين قبيلي واڙا ڪئميرا ڪان ايترو تہ ڊجندا هٿا، جو هڪ فوٽو وٺڻ لاءِ فوٽوگرافر کي پنجن ڏينهن تائين سندن خوشامد ڪرڻي پوندي هئي. آخرڪار جڏهن راضي ٿيندا هٿا تہ ڪئميرا اڳيان اهڙي نموني اڇي بيهندا هٿا، جيئن هڪ ڏوهدار قاضيءَ جي تختي اڳيان بيهندو آهي. ڪين خاطري هئي تہ فوٽوگرافر سندن تصويرون ڪڍي انهن جا روح پنهنجي ملڪ ڏانهن ڪٽي ويندو، جتي فرصت ۾ ويهي انهن کي هڙپ ڪري کائيندو. انهن هيئن ٻي ڀيو تہ جيسين اهو مصور پنهنجي ملڪ وڃي رسندو، تيسين انهيءَ عرصي جي دوران ۾ مٿن ڪائڙ کا آفت اچي ڪڙڪندي ۽ هو سڀئي مري ويندا."

جنهن زماني ۾ ڊاڪٽر ڪينٽ ۽ سندس ساٿي مڊا گاسڪر جي مغربي ساحل کي ڀولي رهيا هٿا، تڏهن هن اوچتو محسوس ڪيو تہ اتان جا مقامي باشندا ڪايڪ سندن برخلاف ٻي ويا هٿا. ان ڪاڻ فقط هڪ ڏينهن اڳ تمام گهڻي جدوجهد کان پوءِ هو ان جي شاهي خاندان وارن جي تصوير وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا هٿا. ۽ هينئر انهن تي اهو الزام ٻڌي لڳايو ويو تہ هو مقامي ماڻهن جي روحن کي بند ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن ڪٽي ويندا ۽ اتي پوڄن کان پوءِ انهن کي فروخت ڪندا. انڪار ڪرڻ اجايو هو. جنهنڪري انهيءَ ملڪ جي رسم و رواج مطابق، ڊاڪٽر ڪينٽ جي جگر موجب ڪين سندن روحن کي ورڻ قاسائي، هڪ ٽوڪريءَ ۾ جمع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هوڪي ساڻيوءِ کي. ان جو روح واپس ڪرڻو پيو. ...
ڻ هندستان جي شمالي جابلو رياست ۾ ڪم ڪندڙ جا ماڻهو جڏهن به
ڪئمپ ڏسندا هئا ته انهيءَ ڏاڍا خوفزده ٿي ويندا هئا. انهيءَ
صندوق ۾ ظ" کان پوءِ لاءِ گهرن مجهه گهڙي اڏڻ لڳي
ويندا هئا. هو سمجهندا هئا ته اهل صندوق تضويرن سان ڳڏ سندن
روح کي ۽ پاڻ سان ڳڏ ڪٽي ويندي هئي ۽ مزدور کي سندن روحن
مٿان جادوءِ ۽ رمل ڪرڻ جي طاقت بخشيندي هئي. جيڪڏهن
سندن ملڪ جي ڪنهن به نظاري جي تصوير ڪڍي ويندي هئي
ته هو سمجهندا هئا ته اهو سڄو علائقو سڪي سڙي ويندو. سام
جي آخرين بادشاهه جي دوران جڪوٽ ۾ جڪي به سڪاڻا هيا
ويندا هئا. تن ئي بادشاهه جو پت ڪونه چاهيل هوندو هو. جو ته
سياسي ماڻهن اڻ وقت تائين ڪنهن به طرح يا ڪنهن به چيز تي
تصوير ڪڍڻ يا ڪڍائڻ جي سخت برخلاف هئا. جيڪي به
يورپي قومن وارا ٻيلن جي کوجنا لاءِ انهيءَ ملڪ جي جهنگن جي
اندروني علائقن ۾ ويندا آهن، تن کي ماڻهن جي مجمعن کي منتشر
ڪرڻ ۾ ڪا گهٽي دقت پيش ڪانه ايندي آهي، جو ته اڻ لاءِ
هڻ کي فقط پنهنجي ڪئميرا سان ماڻهن ڏانهن اشارو ڪرڻو هوندو
آهي ۽ بس. هڪڙي منٽ اندر سڀ وحشي اڻين غائب ٿي ويندا
آهن، جو ته اتي هڻا ئي ڪونه. سياسي بادشاه سڪن تي پنهنجي
شڪل چاپائڻ کي پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي حياتيءَ کي ٽڪر
ٽڪر ڪري تقسيم ڪرڻ جي مترادف سمجهندو هو، جا ڪالهه
ڪيس ڪنهن به صورت ۾ منظور ڪانه هوندي هئي، جو ته سندس
حياتي ابدي ته هئي ڪانه، جو هو اهڙيءَ فياضيءَ ۽ سخاوت سان
ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجيءَ رعايا ۾ تقسيم ڪندو رهيا
اهڙي قسم جا اعتقاد اڄا تائين جديد يورپ ۾ به موجود آهن، ۽
انهن کي بلڪل ختم ڪري ڇڏڻ بلڪل دشوار معلوم ٿئي ٿو.
ٽورن سالن جي ڪالهه آهي ته يونان جي ڪاريٽس نالي هڪ پيٽ
جون کي پوڙهيون زالون هڪ مصور تي ڪڙي ۽ غصي ۾ لال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيلون ٿي ويئون، چو تہ ان احمق سندن تصويرون کڻيون هيون جنهن سبب کين خاطري ۾ هٿي تہ فکرمند رهنديون ۽ انتظاري ۽ بيقراري ۽ گري آخرڪار ٿوري عرصي اندر مري ويندڙيون. مغربي اسڪالر ۾ يہ ڪي اهڙا مائهو موجود آهن، جي تصويرن ڪڍائڻ کان هن ڪري خوفزده هوندا آهن چو تہ اهي پاڻ سان مشابهت رکندڙ تصوير ڪڍائڻ کي بد نصيبي ۽ جو باعث سمجهندا آهن. هو پنهنجن متعدد عزيزن ۽ دوستن جا نالا ۽ نشان ٻڌائيندا آهن، جن کنهن گذشته زماني ۾ تصويرون ڪڍارايون هيون، جنهن کانپوءِ انهن کي مرڻ گهڙي ۽ تائين هڪ ڏينهن جو به سڪون نصيب ڪونہ ٿيو ۽ نہ وري ڪو انهن کي کنهن هڪ ڏينهن ۾ مڪمل تندرستي ۽ ڏوانائي نصيب ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٺويهون

جهل يا روڪ ـ ڪمن جي حالت

اجنبين سان ڳالهائڻ ۾ لهاڻ ٿي روڪ: روح جي متعلق قديم خيالات ۽ نظريات جو ۽ انهن خطرن ۽ خدشن جو جن ۾ اهو گهيريل رهي ٿو، مٿي ڪافي ذڪر ٿي چڪو آهي. اهي خيالات ڪنهن هڪ قوم يا ملڪ تائين محدود ڪونهن ڪن تفصيلن جي فرق کان سواءِ اهي سڄي دنيا ۾ موجود آهن. ۽ جيئن مٿي ڏسي آيا آهيون، اڄ تائين جديد يورپ ۾ به قائم رهندا اچن ٿا. ظاهر آهي ته اهڙن وسيع ۽ پختن ديرينه اعتقادن انهيءَ معاشرتي سانچي جي شڪل و صورت بڻائي ۾، جنهن ۾ قديم بادشاهي سرشتي جي تشڪيل ٿي هوندي، لازمي طور پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هوندو. چو ته جيڪڏهن مرڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي روح کي انهن خطرن کان بچائڻ لاءِ، جي ان جي وجود ۽ بقا کي هيڏن سارن طرفن کان نيست و نابود ڪرڻ لاءِ گهيريو پيا هئا، ايتريقدر مشقتون ڪندو هو، ته پوءِ اهو جنهن جي زندگيءَ تي سڄيءَ قوم جي بهبودي ۽ بقا جو انحصار سمجهيو ويندو هو ۽ جنهن جي حفاظت ۾ سڄيءَ قوم جي افراد جو مشترڪ مفاد هو، تنهن کي محفوظ ۽ سلامت رکڻ لاءِ ڪيتري قدر نه احتياط ۽ خبرداريءَ کان ڪم ورتو ويندو هوندو. ان ڪري ايمان هيءَ توقع رکي سگهون ٿا ته قديم معاشري ۾ رواجي ماڻهو پنهنجي روح جي بچاءَ لاءِ جيڪي احتياطي تدبيرون ۽ حفاظتي قانون اختيار ڪري ٿو، تن جي مقابلي ۾ بادشاه جي زندگيءَ کي ڀاڙ زياده دقيق ۽ تسمين قسمين حفاظتي قاعدن ۽ تدبيرن وسيلي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هوندي، ۽ واقعي هو به ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم بادشاهن جي زندگيءَ کي، جيئن اسان ڏسي آيا آهيون ۽ اڳتي هلي ڪجهه زياده تفصيل سان معلوم ڪنداسون، جن عجيب و غريب قاعدن ۽ قانونن ماتحت هلايو چلايو ويندو هو، اهي مقصد جي لحاظ کان زيادهه صاف ۽ زيادهه پُرزور ۽ زياده مڪمل هوندا هئا ۽ درحقيقت اهي قانون ئي بذات خود اهي حفاظتي تدبيرون هيون، جي بادشاه جي زندگيءَ جي حفاظت لاءِ اختيار ڪيون ويندڙ هيون. خود انهن قانونن جي تفصيلي ڇڪاس ۽ مطالعي مان اسان جي مٿين قياس جي تصديق ٿئي ٿي. چوته ان مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته انهن مان کي قانون جن تي بادشاهه عمل ڪندا هئا، انهن قانون مان مشابهت رکن ٿا، جي عام ماڻهن پنهنجن روزمرهه جي سلامتيءَ جي نقطه نگاهه کان ٿي اختيار ڪندا هئا ۽ اهي جيڪي بادشاهن لاءِ مخصوص معلوم ٿين ٿا، تن مان جيڪڏهن سڀ نه، اڪثر ۽ گهڻن قياس جي بنياد تي آساني سان قابل فهم ٿي سگهن ٿا. انهن جي حيثيت بادشاهه جي زندگيءَ جي احتياطي حفاظتي تدبيرن کان سوا ڪجهه به نه هئي. ۽ انهن آئين قانونن شاهي حفاظتن ۽ بندشن مان ڪي جو ذڪر ڪنداسين، انهن مان هر هڪ جي اهڙي تفصيل ۽ سوجهاڻي پيش ڪنداسين، جا ان جي اصلي مقصد ۽ تي مناسب روشني وجهندي.

جيئن ته شاهي بندشن جو مقصد ئي بادشاهه کي خطري جي سڀني ذريعن کان دور رکڻ جو آهي، ان ڪري انهن جو هٿ ڪيرائڻ، انهن جي تعداد، سطح، ڪيس، ڏري، ڳڻپ مڪمل تنهائي ۽ رهن لاءِ مجبور ڪرڻ جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿئي ٿو. سڀني امڪاني خطرن کان زياده خوفناڪ ۽ نقصانڪار خطرو جنهن کان هڪ وحشي انسان تمام گهڻو زياده خوفزده رهي ٿو، سو آهي جادو جنتر ۽ ٽوڻي ٽٽڪي جو خطرو ۽ هو هڪ اجنبي انهن ڪارن هٿرن کي استعمال ڪري جو شڪ رکي ٿو ته ان ڪري اجنبي جي اهڙي نقصان ڏيڻ کان جو اهي

جائي واڻي يا غير ارادي طور پيدا ڪندا رهن ٿا، پاڻ کي محفوظ رکڻ وحشي جي عمل ۽ عقلمنديءَ جي ابتدائي تقاضا آهي. ان ڪري اجنبين کي پنهنجي ايراضيءَ ۾ داخل ٿيڻ، يا ڪم از ڪم ڪيڻ آتي ڪٿهن سان رلڻ ملڻ جي اجازت ڏيڻ کان اڳ، مقامي ماڻهو گهڻو ڪري کي اهڙيون رسمون ادا ڪندا آهن، جن جو مقصد اجنبين کي سندن جادوگري طاقتن کان محروم ڪرڻ، يا انهيءَ نقصان ده اثر کي ختم ڪرڻ جو سمجهيو ويندو آهي جو منجهائتن هرطرف پکڙندو رهي ٿو، يا ڪٽي چنجي ته گندگيءَ جي جيوڙن سان ڀريل فضا کي، جنهن سان اهي وکوڙيل سمجهيا ويندا آهن، پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو هوندو آهي. چنانچه مشرقي جي شهنشاهه جسٽن ٽائيءَ جا سفير، جي ترڪن سان صلح جو معاهدو طي ڪرڻ ويا هئا، جڏهن آتي پهتا، تڏهن اتان جي "ويجن" اڳتي وڌي سندن استقبال ڪيو ۽ سندن نقصان ده اثر کي زائل ڪرڻ خاطر کين "پاڪ ڪرڻ" جي رسم ادا ڪئي. سفيرن جيڪو سامان پاڻ سان آندو هو، تنهن کي هڪ ڪليل ميدان ۾ گڏ ڪري انهن جادوگرن صندل جون برندڙ ڪاٺيون ڪٽي، ان جي چوڌاري چڪر لڳايا ۽ ان وچ ۾ هو گهنڊ ۽ تنبورو وڄائيندا رهيا، ۽ برائيءَ جي سڀني طاقتن کي هڪالي ڪرڻ لاءِ اهي ڪنهنجن ڪن سان "ڦون" "ڦون" جا زوردار آواز ڪيندا رهيا. انتهائي ڪاوڙ ۽ غصي جو اظهار ڪندا رهيا. بعد ۾ جوڀل سفيرن کي پاڪ ڪرڻ خاطر، کين باه جي شعلن سان لڳهايو ويو. تانوبي بيت (ڏکڻ پسفڪ) ۾ جهاز سان لهندڙن يا بين بيٽن کان آيل اجنبين کي تيسين مقامي ماڻهن سان لهڻ وڃڻ ۾ اڃ ته ڏنو ويندو هو، جيسين سڀني کي، يا منجهائتن کن کي بين سڀني جي نمائندن جي حيثيت ۾، بيت جي چٽ تي مندرن سان هڪ ڏانهن وڃي نه ويندا هئا ۽ پرارٿنا نه ڪندا هئا ته اهي اجنبي جيڪا به بيماري يا دغا پاڻ سان گڏ ڪٽي آيا هجن، تن کي شل ڏيوتا تاري ڇڏي. ان کان پوءِ، قربانگاهن تي گوشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪيو ويندو رهيو ۽ ديوتا جي اعزاز ۾ ناچ ۽ گانا ڪيا
ويندا هئا. جيئن اڄ به رسمون ادا ڪيديون رهنديون هيون. ڪيسون
پوجاري ۽ سندس ٽائين ڪاهن سواءِ باقي پيا سڀ ماڻهو لڪي ويندا
هئا ۽ عام نظرن کان غائب رهندا هئا. بورنيو جي اولڙ ڏاڻوري
قبيلي وارن ۾ هي رسم آهي. ته جڏهن به غير ملڪي سندن
علاقي ۾ داخل ٿين ٿا سي مقامي ماڻهن کي ڪجهه نقد رقم ڏين ٿا
انهي رقم ۾ هو ۽ زمين ۾ پائي ڇڏي. ديوتائن جي نالي ننهون ڪا
سور قربان ڪندا آهن. ته جيئن ديوتائون ڏاڙين جي موجودگي کي
سبب ناراض نه ٿين ۽ ملڪ جي اصلي ماڻهن تي ننهنجون
دستوري نازشون، فصلن، پچائن وغيره جي صورت ۾ جاري رکندا.
اجوڪو يورپين جي هڪ ضلعي جا ماڻهو يورپي قومن جي رسمن کي
ڏسي ڪاڏو ڏڪي ڇڏندا هئا. ته ستان انهن کي ڏسي ڪاڏو ڪين ڪاڏو
بيماري نه ڇڏيندي هوي. جنهنڪري هو ننهنجن زالن ۽ ٻارن کي
خبردار ڪري ڇڏيندا هئا ته اهي سندن ويجهو نه وڃن ۽ نه
منجهانئن جيڪي ننهنجي حيرت ۾ قابو پائي نه سگهندا هئا.
تن جي علاج ۾ لاءِ بدروحن کي راضي ڪرڻ واسطي پڪي قربان
ڪيا ويندا هئا. سندن رت جسم ۾ ڦيرو ويندو هو. مرڪزي بورنيو
جو هڪ سياح چوي ٿو ته "ڏيسي به روحن کان ايترو ڊپ
ڪونه ڪيو ويندو آهي، جيترو پرديسي بدروحن کان جيڪي
سياحن سان گڏ آيل ايندا آهن. وڃ نهاڪار درياه جي ڪناري تي
آباد قوم رجنگ هڪ قبيلو. سال ۱۸۹۷ع ۾ سون سان ملن لاءِ
بلون وڪاپان قبيلي وارن وٽ آيو. ته مقامي قبيلي وارن جي ڪا به
عورت اتان جي هڪ وڻ ڏانهن خوشبودار ڇوڙن جي پرتڙ مشعل
کان سواءِ جنهن ۾ خوشبودار دونهون بدروحن کي هڪالي
ڪندو آهي. گهر کان ٻاهر نه ويئي نڪتي."
لڇڻهن "ڪرواس" سياح جنوبي آمريڪا جي سياحت ڪري رهيو هو.
تڏهن هو اڪيلائي قبيلي جي ڪاڙهن هندستانين جي ڪوٺ ۾ اچي سهڙيو. هن
جي اچڻ تي گهر کان ڪجهه ميٽ ٻوڙ کي هندستاني ولن ڪجهه اهڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيون ڪاريون ماڪوڙيون ڪجن ٿيون پنن تي رکي ڪٽي آيا. ڇڙي
ڇوڪ درد ناڪ هوندو آهي. ان کان پوءِ ڪوڪ ٿيڻ ۽ ماڻهو
ساڙڻ مردين سڀ وٽس اچي حاضر ٿيا ڪيئن ڪيائون ته
سندن منهن ۽ زبان ۽ بدن جي ٻين عضون تي اهي ماڪوڙيون
ڇنڊرايون ويون. جڏهن ڪنهن مهل هن ڪڇ ايڪڙ پيڪڙ
ماڪوڙيون ڪي ڇنڊرايون ته هنن ڪيئن روڙيون ڪري ڪي ڇڏيون. اڇا
وڏيڪا اڇا وڏيڪا ٿيڻ ۽ تيئين بطمئن ٿي ڀيا. ڇڏيئن سندن
ڇوڙي ڇڪن جي نشانن سان ايتري ڀرجي نڪي وئي جيتري کين
ڀرڻ جي ڇوڙي نشان ٻيهي ماڙجي ته هوند داغن سان ڀرجي وڃي
الهي رسم. جو مقصد انمانا ۽ الهڄڻ وارن نجي هن رواج سان
واضح ٿي ٿو. جنهن موجب الهي مريض تي ٽيڙ مصالحا جهوڪ
ماريڪ ڇاڙيل ادرڪ ۽ لونگ ٻرکيندا آهن ۽ ٿي جيئن سندن
جسم سان ڇهڪيل مڙدن جو پوت ان کي ڇڏي ڇڄي وڃي. ڀاڙا
۽ وجع المفاصل، يعني سڌن جي سوڙ، جو عام علاج هي آهي
ته مريض جي نڇهن ۽ پين کي ڪارا مرچ ڪٽي مهيا ويندا
آهن. ڪارن مرچن جي تيزي وجع المفاصل جي سور ڀاءُ لاءِ ايترقدر
زود اثر ۽ ڪ ٽڪ سمجهي ويندي آهي، جو هوڏانهن آهي نگا
ٿي آهن ۽ هوڏانهن سور غائب. اهڙي طرح سايوڪوسٽ ۽
بيمار ٻار جي ماڻ ڪڏهن ڪڏهن ائين سمجهنديءَ آهي ته شايد
ٻار جي جسم ۽ ڪنهن بد روح اڇي واسو ڪيو آهي ۽ ان کي
ان ماڻ لوڏي ڪيڻ لاءِ هوءَ ان معصوم بريض جي بدن کي
ٽيڙا ٽيڙا ڇيهه ڏيئي انهن زخمن ۽ ساوا مرچ يا مصالحا ڀري
ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ ڪيس غاطري هوندي آهي ته هاڻي ٻار جي
جسم ۽ ڪوبه بد روح وڏيڪ رهي نه سگهندو. ويچارو ٻار ڏاڍ
ڪان ڏانهون ڪندو رهندو آهي، پر ماڻس پنهنجي دل نه ڏيڻ
ڪان سخت ڪيو ويئي هوندي آهي ته پوت پر ان سان گڏ ساڻي
تڪليف برداشت ڪري رهيو آهي.

ممڪن آهي ته اڄڪلهه ڪي اڇڙي ٽاڪڙ ڏيڻ کان (۽ ته انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عزت ۽ پذيرائيءَ جي خيال کان) سندن استقبال لاءِ ڪن ڪن علائقن ۾ اهڙيون ڪي مفصل رسمون ادا ڪيون ويندیون آهن، جن جي مقصد جي ٻڌي نموني ڪا وضاحت سڌيءَ طرح ڪانه ٿيل هوندي آهي. جاوا جي اونگ ٽونگ ٻيٽن ۾، جن ۾ پولينيشين نسل وارا آباد آهن، پوچارين يا جادوگرن کي وڏو اثر رسوخ حاصل آهي. انهن جو خاص ڪم بيمارين کي ٽڙڻ، خوشگوار هوائن ۽ مينهن جي ورهور شڪار وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ روحن کي سڏڻ يا پوجائي ڪڍڻ جو هوندو آهي. جڏهن کي اجنبي انهن ٻيٽن ۾ قدم رکندا آهن، تڏهن سينيءَ کان اول سندن استقبال اتان جا جادوگر ڪندا آهن، جي مٿانئين پاڻي ڇڙڪائيندا آهن، تيل مکيندا ۽ هڪ جهنگلي پوٽي جا سکل ۾ مهٽيندا آهن. ساڳئي وقت ريتيءَ ۽ پاڻيءَ جو جهجهو مقدار ۾ ٽئي طرفن ڏانهن اڇلايو ويندو آهي. ۽ نووارڊن ۽ سندس پيڙيءَ کي تازن ساون ۾ سان اگهيو ويندو آهي. ان کان پوءِ اجنبين کي قبيلي جي سردار سان تعارف ڪرايو ويندو آهي. افغانستان ۽ ايران جي ڪن علائقن ۾ ڪنهن ۾ سياح کي ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ کان اڳ، ڪنهن جانور يا طعام جي قرباني يا ٻاهه ۽ ڏوپ واس سان سندس استقبال ڪيو ويندو آهي. افغانستان جي ڪوٽن مان لنگهندي افغاني سرحدبندي ڪميشن وارن جو استقبال عموماً ٻاهه ۽ ڏوپ سان ڪيو ويو هو. ڪڏهن ڪڏهن مسافر جي گهوڙي جي پيرن ۾ ٽانڊن جو ٽالهه هاڙي هي لفظ چيا ويندا آهن: "پلي ڪري آئين!" مرڪزي آفريڪا جي هڪ ڪوٽ ۾ داخل ٿيندي، امين پاشا جو استقبال ٻن ڪرين جي قرباني سان ڪيو ويو هو، انهن جو رت رستي تي ڇڙڪايو ويو، جنهن تان لنگهي اتان جي سردار وڏي اڇي امين پاشا جو استقبال ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن اجنبين جو آيڏو تم خوف هوندو آهي، جو ڪنهن به صورت ۾ انهن جي آجيان نٿ ڪئي ويندي آهي. چنانچه جڏهن اسپيڪ نالي هڪ سياح ڪنهن ڪوٽ ۾ پهتو، تڏهن اتان جي باشندن پهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دروازا بند ڪري ڇڏيا، ۽ چو ته "هتن ان کان اڳ ڪنهن
به سفيد فام ماڻهوءَ کي ڪونہ ڏٺو هو ۽ نہ وري هتن ڪين جون
ٽهيل اهڙيون صندوقون ڏٺيون هيون، جهڙيون هن جا ماڻهو
کڻي ٿي آيا". سندن چوڻ هو ته "ڪهڙي خبر ته 'واتوتا' قبيلي
وارا صورت بدلائي انهن صندوقن ۾ ويهي، اسان کي مارڻ ۽ ٽرڻ
آيا هجن؟ اوهان کي ڪنهن به صورت ۾ ڪوٺ ۾ اندر اچڻ نڏو
ڏيڻي سمجهجي". هنن سان ڏاڍي مغز ماري ڪئي ويئي، پر هنن
بڏن کان صاف انڪار ڪيو، جنهنڪري اسپيڪ ۽ سندس ٽولي
کي لاچار اڳتي هڻي ڪوٺ ڏانهن وڃڻو پيو.

ڏاريان ۽ اڻ سڃاتل ماڻهن جي متعلق جيڪي خدشا هوندا
آهن، تن جو اثر پيءَ طرح ٻن ساڪيو هوندو آهي. جڏهن به
ڪو وحشي ڪنهن نئين ملڪ يا ڪوٺ ۾ داخل ٿيندو آهي،
تڏهن هو ائين محسوس ڪندو آهي ته هو اهڙيءَ زمين تان گهمي
رهيو آهي، جيڪا جادوءَ سان ڀري پيئي آهي. ان ڪري هو
اڳ ۾ ئي اتان جي ڀوتن، جادوءَ ۽ بد روحن کان بچڻ لاءِ
جوکا قدم کڻندو آهي. چنانچہ جڏهن آسٽريليا جو ڪوماٽوري
قبيلي وارو ڪنهن نئين ڪوٺ ۾ داخل ٿيندو آهي، تڏهن ڀرپاسين
هو اهڙيون رسمون ادا ڪندو آهي، جن جي وسيلي اها سرزمين
"رواجي" بنجي وڃي. چو ته هن کي اهو ڊپ هوندو آهي ته اها
زمين متان "مقدس" يا "آگري" هجي. جڏهن ٻرن ميڪلوچوسٽڪلي
ٽيوگائنا جي مٽڪلي ڪناري واري طرف کان هڪ قبائلي ڪوٺ
۾ داخل ٿي رهيو هو، تڏهن سائس جيڪو هڪ وحشي ڪڏ هو،
تنهن هڪ وڻ ٻان ٽاري ٻڌي، ٽورو ٻڌي ٻهي، ان شاخ سان
ڪجهہ آهستي ڪاليهايو. ان کان پوءِ هو پنهنجي هرهڪ همسفر
جي پٺيان وڃي، ڪجهہ پڙهي انهن تي ٿوڪيندو ويو، ۽ ساڪيي
وقت سندن پٺي ۾ ٽاريءَ سان آهستي آهستي ٿپريندو ويو. آخر
۾ هو جهنگ جي انتهائي گهاڻي حصي ۾ ڪهڙي ويو، جتي انهيءَ
ٽاريءَ کي هن سڪل پن جي هيٺان، وڏي ڪڏ ڪٽي دفن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏيو، وحشي ۽ جو اهو خيال هو ته انهيءَ رسم کي ادا ڪرڻ ڪري سندس سڀ سائي ڪوٽ وارن جي هر دغابازيءَ ۽ بي ڪنهن اهڙي ناڪهاڻي خطري کان محفوظ رهندا. ۽ انهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو مقصد هر هڪ سائيءَ جي جسم مان بدروحن کي ٻاهر ڪڍي ڏاري ۽ بند ڪري، جهنگ ۾ دفن ڪرڻ جو هو. آسٽريليا ۾ جڏهن ڪنهن ڏاڙي قبيلي کي ٻئي ڀلئي ۾ دعوت ڏيڻي گهرايو ويندو آهي، تڏهن انهيءَ قبيلي وارا جڏهن وٽ اهڙي جاءِ تان لنگهندا آهن، جتي اتان جي اصلوڪي قبيلي جا رهڻ جوڳا جايون هوندیون آهن، تڏهن اهي پنهنجن هٿن ۽ پيرن ڪاڏيون ڪٽي اڇي وڏندا آهن، چوته هٿن جو ڇوٽ آهي انهيءَ ظرفي سان هو قصاب کي ميني نقصانڪار اثرن کان پاڪ ۽ صاف ڪري تا ڇڏين. ٻروجا قبيلي وارا جڏهن به دشمن کي مارڻ لاءِ ٽڪرندا آهن، انهن جي ڪوٽ کي ويڙهو اڇي پهچندا آهن، تڏهن هو اتان جي وٽن ڇوٽيون يا اتان جو ڪو ڇهنگلي جانور تيستائين ڪونه ڪائيندا آهن، جيستائين هو پهريائين اتان جو ڪو نه ماڻهو نه مارينداآهن، يا گهر نه سازيندا آهن. هو چونداآهن ته پوڪڏهن انهيءَ قانون جي خلاف ورزي ڪندا ته دشمن جو روح يا ان جو روحاني جوهر منجهن تحليل ڪري ويندو. جنهنڪري سندن پنهنجن طلسمن جي جادوءَ جو اثر ختم ٿي ويندو. ۽ انهيءَ سمجهيو ويندو آهي ته سفر جي دوران ۾ ڏاڙيءَ سان گڏ لهائيندي، اڏندي ويهندي يا ڪائيندي پيئندي انهن جي جادوءَ جا نقصانڪار اثرات ماڻهوءَ ۾ سان گڏ آندا هوندا، جنهنڪري ڪوٽ ٻڌڻ وقت هن کي گهر ۽ ڪوٽ جي معاشري ۾ دوباره داخل ڪرڻ کان اڳ ڪجهه اهڙيون رسمون عمل ڪيون وينديون آهن، جن جو مطلب ڪيس انهن اثرن ۽ علامتن کان آجي ڪرڻ جو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ويچوٽانا جا ماڻهو، مسافريءَ تان موٽڻ کان پوءِ، پاڻ کي پاڪ صاف ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪوڙ ائيندا آهن، ته ڪنهن کي ڏاڙين سان ملڻ جلڻ ڪري هنن تي ڪاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم، ۽ حاڪم وقت جو ڪو اثر نه هجي. اولهه- آفريڪا جي ڪن ملڪن جو باشندو جڏهن به ڪنهن سفر تان واپس ايندو آهي ته تڏهن جڏهن سان ملن، ڪان اڳ ۾ ئي هڪ قسم جو تيل لڳائيندو آهي، ته متان مسافريءَ ۾ ڪنهن اجنبي عورت کيس ڪو جادو هنيو هجي. جو سندس زال جي معرفت گهوٽ جي بين سڀني زالن کي ڇڏي ڇڏي، هڪڙي هندستاني راجا جا هڪ دفعي سفير انگلستان ويا ۽ جڏهن اتان موٽي آيا تڏهن هنن کي اهڙو ته ناياڪ ۽ بلڊ سمجهيو ويو، جو ڪليا ڪلپ ۾ "دوباره جنم وٺن" کان سواءِ هنن جو ٻوٽو ئي ناهه ڪين سمجهيو ويو. ان لاءِ "قدرت جي پيداواري طاقت". جو سونو مجسمو لاڙو ٿيندو آهي، جنهن جي اڇڪل، يا ته عورت واڪر يا وري ڪٿون ۽ واڪر هوندي آهي، جنهن ماڻهوءَ کي ڀهر ڇٽي هوندو آهي، تنهن کي انهيءَ مجسمي ۾ بند ڪري ڇڏڻ جي ڪي ڀهر ڇڙاءِ ويندو آهي، ته جيئن ڏاڍو سارو سونو مجسمو لهرائڻ ڏاڍو ويهانگو ٿيندو، جنهن سان هڪڙو وڏو سڄو ماڻهو ڇٽائي سگهجي ٿو ان ڪري ان آ مجسمي ۾ فقط ايتان جتان ٻار رڇندو آهي، ٻاهو هٿ سونو ڇڏ لهرايو ويندو آهي. انهيءَ راجا جي حڪم تي آخر اهڙو سونو مجسمو لهرايو ويو ۽ انهن سفيرن کي ٻوڌارو هن جهان ۾ ڪنهن ولي ۾ ڏ

جڏهن راڄ ماڻهن کي پنهنجي حفاظت لاءِ ايترن قدمن جون احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻيون هون ته ڏيون ته پوءِ بادشاهه جي پاڻ ۾ رهڻي وهڻي ۽ ڇوڪ جي ساڻين ٻي خطرن ڪان بچاءُ لاءِ ڪيترين قدر نه اياڻا اختيار ڪرڻا پوندا هونداسه. ڏاڍي زماني ۾ جڏهن ڪنهن تاتاري فرمانروا وٽ ڪتان سڀين ايندا هئا، تڏهن هن کي بادشاهه سلامت جي حضور ۾ ڏيڻ ڏيڻ ڪان اڳ ۾ ئي خطن ڪتابن ۾ منجهان لنگهڻو پوندو هو ۽ هو ڇيڪي تحفا تحائف ساڻ آڻيندا هئا، تن کي ڏاڪي نموني سان باهين متان ٻاڦ ٿيندو رهي مطلب هي ۽ هو ته راجپي جيڪڏهن خان ڪي ڪنهن جادوءَ جوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثر کرڻ چاهين، تہ اڻين ۾ کري سگهن ۽ ڪالمبا (پشيلينج قبيلي وارن ۾ جو سيني کان زياده طاقتور سردار، جيڪو ڪلنگو درياه جي وادي ۾ رهندو آهي) مان، پهرئين دفعي يا ڪنهن باغياڻه مقابلي کان پوءِ، سندس ماتحت سردار ملهه ايندا آهن، تڏهن منجهانئن سيني کي، زالين توڙي مڙسين، ڳڏجي، ٻن چشمن ۾ وهنجڻو پوندو آهي ۽ هڪڙي ڏينهن هڪڙي چشمي ۾ ٻي ڏينهن ٻي ۾ ۽ وچ واريون راتيون سيني کي باهر ميدان ۾، شهر جي مارڪيٽ وٽ ڪاٺيون پوندڙون آهن ۽ ٻي غسل کان پوءِ هو بلڪل اڪهاڙا ٿي ڪالمبا جي گهر ويندا آهن، جو انهن سيني کي چاتن ۽ پيشانين ٿي ڏکها ليکا ڀائيندو آهي. ان کان پوءِ هو وري مارڪيٽ ڏانهن موٽندا ۽ اتي بيهي ڪپڙا ڀائيندا آهن، جنهن کان پوءِ هنن کي ڪاڙن مرڇن واري آزمائش مان لنگهڻو پوندو آهي. هرهڪ مرد ۽ عورت جي اکين ۾ ڪارا مرچ وڌا ويندا آهن ۽ جڏهن هو سور کان ٽپا ڏيندا آهن، تڏهن هنن کان سچي ڪرائي ويندي آهي ۽ سيني ڏوهن ۽ گناهن جو اقرار ڪرايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ انهن کان آئيندهه جي چڱي ۽ چال متعلق واعدا ۽ اقرار ڪرايا ويندا آهن. بس، ان کان پوءِ رسم ختم ۽ هاڻي انهن "اجنبين" کي ڪوٽ جي ڪنهن ۾ گهر ۾ ڪيتري ۾ عرصي تائين رهڻ جو پورو پورو حق آهي.

۲۔ ڪائڻ ۽ پيئڻ ٿي بندش: وحشين جي خيال مطابق، ڪائڻ ۽ پيئڻ جي ڪمن ۾ همیشه ڪوبه ڪو خطرو درپيش رهندو آهي، جو تہ اهڙي وقت وات کولينڊي "روح" باهر نڪري وڃي سگهي ٿو، يا ڪو دشمن انهيءَ هنڊ ۽ وقت تي موجود هجي ۽ اهو پنهنجي جادوءَ جي طاقت سان روح کي چڪي باهر ڪڍي وٺي! سليوڪوسٽ-وارا چوندا آهن "تہ انسان جو روح سندس وات مان باهر ويندو آهي ۽ وري انهيءَ ٽي زستي کان اندر ايندو آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن ۾ ماڻهوءَ کي اهڙو شڪ پوي تہ سندس روح باهر نڪري ويو آهي، تڏهن ڪيس ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات ڪولڻ گهرجي، نہ تہ انهيءَ وقت اهو اندیشو رهي ٿو تہ ڪو رولو روح موقعو ڏسي متان هن جي وات ۾ اندر گهڙي وڃي، اهڙا واقعا گهٽو ڪري ان وقت ٿيندا آهن جڏهن ماڻهو ڪائن ۾ مشغول هوندو آهي." جنهنڪري اهڙي حادثي کي روڪڻ لاءِ نهايت سخت احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون ويندیون آهن. ڪي قبيلي وارن لاءِ چيو ويندو آهي تہ "جنهن صورت ۾ انسان جو روح جسم کان باهر نڪري سگهي ٿو، ان ڪري هو اهڙن موقعن تي، جڏهن هن کي روح جي موجوگيءَ جي سخت ضرورت هوندي آهي، روح کي باهر نڪري وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڏاڍي خبرداري ڪندا آهن. مثال طور جڏهن وٽن ڪا محفل يا دعوت هوندي آهي، ۽ ڏاڍا سٺا طعام ۽ ڪاڏا رکيا هوندا آهن، تڏهن انهيءَ قبيلي وارا سڀ دروازا ۽ دريون بند ڪري ڇڏيندا آهن، تہ جيئن انهيءَ موقعي تي روح باهر نہ نڪري وڃي، ۽ پل تہ انهن سڀني سٺن ۽ لذيذ طعامن جو ذائقو چکي، جيڪي هن کي راضي ڪرڻ لاءِ گڏ ڪيا ويندا آهن." ساڳيءَ طرح وارا زافيمانيلو قبيلي وارا هميشہ در بند ڪري ڪاڏو ڪائيندا آهن ۽ انهن کي ڪڏهن بہ ڪنهن باهر ڪائيندو ڪوتہ ڏٺو آهي. وارو قبيلي وارا جڏهن بہ ڪائيندا آهن، تڏهن ڪنهن کي بہ ٻاڻ تي نظر وجهڻ نہ ڏيندا آهن، خاص ڪري زالون مردن کي ڏسڻ نہ ڏيندیون آهن ۽ مرد زالن کي. "جڏهن بہ انهن مان ڪنهن کي ڪليل جاءِ تي شراب پيئڻ جي آڇ ڪئي ويئي، تڏهن ان کي پسند ڏيڻا ٻيا، پر تنهن هوندي بہ انهيءَ وحشيءَ اڳيان ڪپڙو جهلي پوءِ پيالو وات تي آندو".

جيڪڏهن رواجي ماڻهوءَ پنهنجي حفاظت لاءِ ايترو قدر احتياطي تدبيرون اختيار ٿي ڪيون، تہ پوءِ بادشاهن جي حفاظت لاءِ ڪهڙا نہ غير معمولي اپاءَ ورتا ويندا هوندا؟ لوئانگو جي بادشاہ کي جيڪڏهن ڪو ڪائيندو پيئندو ڏسي وجهندو آهي، تہ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏڪ هٽي هڪدم ماري ڇڏيندا آهن. هڪ دفعي جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه کاڏو کائي رهيو هو، تڏهن اتفاق سان سندس پالیل ڪتو
ان ڪمري ۾ گهڙي ويو ۽ بادشاه کي کاڏو کائيندي ڏسي ورتائين.
بادشاهه هڪدم ان کي ماري ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. ساڳئي بادشاه
کي هڪ دفعي سندس پارهن سالن جي پٽ شراب پيئندي
ڏسي ورتو، بادشاه حڪم ڏنو ته ان کي پهريائين سنهڙا ۽
سهٽا ڪپڙا پارائي ۽ سٽو کاڏو کارائي، پوءِ ڪيس ماري چار
ٽڪرا ڪري، شهر ۾ ڦيرايو وڃي، ۽ ان سان گڏ منادي
ڪئي وڃي ته هن بادشاه کي شراب پيئندي ڏٺو هو، جنهنڪري
کيس ماري پورا چار ٽڪرا ڪيو ويو آهي. "جڏهن بادشاه کي
شراب پيئڻ جي خواهش ٿيندي آهي، تڏهن هڪڙو نوڪر شراب
جو پيالو ۽ صراحي بادشاه جي اڳيان رکي هڪدم پٺي ڏيئي
گهنڊ وڄائيندو آهي، جو هن جي هٽ ۾ هوندو آهي. گهنڊ ٻڌڻ
سان سڀئي حاضرين هڪدم زمين تي اونڌا ٿي ڪري پوندا آهن،
۽ تيسين منهن زمين سان لائي رکندا آهن، جيسين بادشاه
سلامت شراب پي بس ڪري، ۽ پيهر گهنڊ جو آواز ٿئي. کاڏي
کائڻ لاءِ به ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي. بادشاه جي
کائڻ لاءِ هڪ جدا محل ٺهيل آهي، جتي هن جا نوڪر سندس
طعام ميز تي رکي هليا ويندا آهن. بادشاه اڪيلو اندر داخل
ٿيندو آهي، ۽ جڏهن کاڏو کائي بس ڪندو آهي، تڏهن دروازي
تي ڏڪ هٽي ٻاهر نڪرندو آهي ته جيئن ڪيس طعامگاه سان ٻاهر
نڪرندي ۽ ٻيو ڪوبه ڏسي. اهڙي نموني سان بادشاه کي ڪوبه کائيندي
پيئندي ڪونه ڏسندو آهي، چوته هنن جو اهو عقيدو آهي ته جيڪڏهن
ڪوبه بادشاه کي کائيندي يا پيئندي ڏسي وڃهندو، ته بادشاه مري
ويندو." بادشاه کاڏو کائي جيڪي بچائيندو آهي، اهو زمين ۾
پوريو ويندو آهي، ته متان بادشاه جي اوبر ڪنهن جادوگر جي
ور چڙهي وڃي ۽ هو ان جي ذريعي بادشاه تي ڪو جادوءَ جو
موتمار اثر وجهي ڇڏي. ٻر واري ڪاڪونگو جي بادشاه لاءِ به
اهڙائي قانون مقرر ڪيل هئا، انهيءَ جا ماڻهو سمجهندا هئا ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن بادشاه جي رعايا مان ڪو هن کي شراب پيئندو ڏسي وڃهندو، ته بادشاه مري ويندو. ڏاهومي جي بادشاه کي جيڪو به شخص طعام تناول ڪندي ڏسي وڃهندو آهي، سوڪاسي تي چاڙهيو ويندو آهي. جڏهن به هو ڪنهن محفل يا مجلس ۾ شراب پيئندو آهي، جيئن هن کي ڪنهن خاص ۽ غير معمولي موقعن تي پيٽو پوندو آهي، تڏهن هن جي اکيان پڙدو جهليو ويندو آهي، يا کي رومال هن جي منهن جي چوڌاري جهليا ويندا آهن، ۽ سيئي حاضرين اونڌا ٿي، زمين تي ليٽي پوندا آهن ته جيئن ڪنهن جي به نظر بادشاه تي نه پوي. وچ آفريڪا ۾ ينيورو قبيلي جو بادشاه جڏهن واڙي مان ڪير پيئڻ ويندو آهي، تڏهن شاهي محلات مان سپ ماڻهو باهر ٽڪري ويندا آهن، ۽ محل جون ڇالون تيستائين مٿي تي ڪپڙو وجهي، منهن ڏيکي ويهندڙون آهن، جيستائين ديوتا جو هيڪ اوتار ڪير پي واپس اچي. ڪير پيئندي هن کي ڏسڻ جي ڪنهن کي به اجازت ڪانهي. سندس راڻين مان هڪ هن سان واڙي تائين ويندي آهي ۽ هن کي ڪير جو مٽڪو ڪٽي ڏيندي آهي، ۽ انهيءَ فرض جي پوري ڪرڻ کان پوءِ هوءَ هڪدم پنهنجو منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪندي آهي، ۽ پنهنجي مڙس کي ڪير پيئندي ڏسڻ جو ڪيئن به اختيار ڪونهي.

۳۔ منهن ڏيکارڻ ۽ ٻڌڻ: متين حالتن ۾، اڪيلو ويهي ڪائڻ ۽ پيئڻ جو مطلب اهو ٿو معلوم ٿئي ته ڪائيندي يا پيئندي، باهر وارا ناپاڪ ۽ نقصانڪار اثرات وات جي ذريعي اندر نه هلڻ وڃن، ۽ ان جو اهو مطلب نظر نٿو آچي ته متان وات کولي ڪري روح باهر نڪري وڃي. ڪانگو جي علائقي ۾ رهندڙ قومون پاڻي وغيره جي پيئڻ وقت کي رسمون ادا ڪنديون آهن، جن جو به اهو ئي مطلب نظر ٿو اچي. سندن باري ۾ چوو وڃي ٿو "منجهن کوهه آهڙو وحشي نظر ڪونه ايندو، جيڪو شراب يا پاڻيءَ پيئڻ کان اڳ پنهنجن ديوتائن کي ياد نه ڪندو هجي. انهن مان ڪو، پيئڻ وقت، تيستائين گهنڊ وڄائيندو رهندو، جيستائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي بس نہ ڪندو، ٻيو وري پنهنجي مٿي تي ٻڌو وجهندو، ٽيون وري ٻيٽ وقت پنهنجو ڏاڙهو هٿ زمين تي رکندو، ته ٻيو وري پنهنجن وارن ۾ گاه يا وڻن جا پن وجهندو، يا پنهنجي مٿي تي مٽيءَ سان ڍڳهو ليڪو ڪيندو. مطلب ته هيءَ رسم مختلف ٽمولن سان ادا ڪئي ويندي آهي، جن جي سمجهائڻ لاءِ هڪ وهشي رڳو هيٺن چئي خاموش ٿي ويندو آهي ته "اهي روحن ۽ ديوتائن کي راضي ڪرڻ جا آزمايل طريقا آهن". دنيا جي انهيءَ حصي ۾ ڇڏهن ۽ ڪو سردار ٻيئر (شراب) پيئندو آهي، تڏهن هڙهڪ ڏيڪاءَ ٻوءَ گهنڊڻي وڄائيندو رهندو آهي، ۽ ان جي اڳيان وري هڪ ٻيو چوڪرو ٻيو هوندو آهي، جيڪو هڪ پالو قيرائيندو رهندو آهي، ته جيئن "ڪو بد روح يا پوت شراب سان رلجي پوڙهي سردار جي وات سان هن جي جسم ۾ داخل نه ٿي وڃي". بد روحن کان پاڻ بچائي رکڻ وارو مقصد ٿي آهي، جنهن خاطر آفريڪا جا ڪي سلطان همیشه منهن تي ڪپڙو وجهي هلندا آهن. دارفور جو سلطان پنهنجي منهن جي چوڌاري اڇي ململ جو ڪپڙو ۽ چار ٻيرا اهڙيءَ طرح ويڙهي ڇڏيندو آهي، جو هن جو وات، نڪ ۽ پيشاني ڏيکجي ويندا آهن. ۽ فقط سندس اکيون ٻاهرون ڏسيون آهن. وچ آفريڪا جي ڪيترن ئين علاقن ۾ بادشاه ۽ سردار پنهنجي منهن کي ڍڪي رکندا آهن ۽ اها "بادشاهي" جي نشاني سمجهي ويندي آهي. وادائي رياست جو سلطان همیشه ڀڙدي پٽيان ٻيهي ڪاليهائيندو آهي، هن جي ڪن دادڻن ۾ پنهنجن ڀرپيءِ ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪو به هن جي صورت نه ڏسي سگهندو آهي.

ڪور ڇڪڻ ڌي ڏيندڙ: ساڳين قسمن جي احتياطي تدبيرن ۽ قانونن جي ماتحت، ڪن علاقن ۾ بادشاهن کي پنهنجن بحلاتن ۽ مان ٻاهر نه نڪرڻ ڏيندا آهن، يا جيڪڏهن ڏيندا ٻ اٿن، ته وري رعايا کي سخت حڪم هوندو آهي ته هو ڪين ٻاهر گهمندي ڏسي ۽ وٺي. ٻين قبيلي جو ڪو راجا جنهن کي ديوتا ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڄيو ويندو هو، تنهن کي محلات مان ڪڍڻ ۽ باهر نه وڃڻ ڏيندا هئا. لوٽانگو جي بادشاه جي جڏهن تاجپوشي ٿي ويندي آهي، تنهن کان پوءِ هن کي محلات مان اصل باهر نڪرڻ نه ڏيندا آهن. اونتيشا جو بادشاه تيستائين محلات مان نڪري شهر جي بازار ۾ ڪونه ويندو آهي، جيستائين پهرياٽين ماڻهوءَ جي قرباني ڪري ديوتائن کي راضي نه ڪيو ويندو آهي. ان ڪري هو گهڻو ڪري پنهنجي محلات جي حدن کان باهر ڪونه نڪرندو آهي. درحقيقت هن کي، باهر نڪرڻ جي عيوض ۾، يا ته پنهنجي جان تان هٿ کڻڻو پوندو آهي، يا وري کي غلام قربان ڪرڻا پوندا اٿس. جيڏن ته انهيءَ ملڪ جي دولت جي، غلامن جي تعداد جي ذريعي ڪٿ ڪئي ويندي آهي، ان ڪري بادشاه هميشه اها خبرداري ڪندو آهي ته سندس باهر نڪرڻ جو ڪو موقعو پيدا نه ٿئي ته چڱو. ان هوندي به سال ۾ هڪ دفعو، ٻيام جي ميلي جي موقعي تي، بادشاه کي پنهنجي محلات کان باهر نڪري پنهنجي رعايا جي راکيان ناچ ڪرڻو پوندو آهي. دراصل هن کي صرف انهيءَ رسم جي ادائگيءَ طور ئي باهر نڪرڻو پوندو آهي. ناچ ڪرڻ جي دوران ۾ هن کي پنهنجيءَ پڻيءَ تي ڪا نه ڪا وزندار چيز، گهڻو ڪري مڻيءَ سان ڀريل گوڻ، ڪٽي پوندي آهي، جنهن مان ثابت ٿيندو آهي ته هو پنهنجي عهدي جي بار کڻڻ لاءِ اڃا پيڙ آهي. جيڪڏهن هو اهو وزن نه کڻي سگهندو آهي، ته کيس هڪدم تخت تان لاهي چڏيندا آهن، يا ايٿي ئي کيس سنگسار ڪري چڏيندا آهن. ايٿوپيا (حبش) جي بادشاهن کي ديوتا ڪري پوڄيو ويندو هو، پر ان جي بدلي ۾ کين سڄو وقت محلات جي ڇڻن ديوارن اندر بند رهڻو پوندو هو. پلنڪس جي ڇاپلو ساحل تي، پراڻي زماني ۾ هڪ خونخوار ۽ جنگجو قوم آباد هئي، جنهن کي 'سوسيني' يا 'موسينوئيسي' چوندا هئا. انهن جي ملڪ ۾ ڏهه هزار بهادر ايشيا ڪان يورپ ڏانهن ويندي لنگهيا هئا. اهي خهنڪندڙ پنهنجي بادشاهه کي هڪ اوچي منارڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي قيد ڪري رکندا هئا، ۽ ان جي انتخاب ۽ تقرر کان پوءِ ڪيس مرڻ تائين هيٺ لهڻ کان ڊيندا هئا. اتي ويهي هو پنهنجي رعايا کي انصاف ڏيندو هو، ۽ جيڪڏهن هو انهن مان ڪنهن کي ۽ ناراض ڪندو هو، تہ پوءِ هن جي هڪ ڏينهن جو ڪاڏو بند ڪيو ويندو هو، يا ڪن حالتن ۾ هن کي بک وگهي ماريو ويندو هو. سبا يا شيبا ملڪ جي بادشاهہ کي ۽ باهر نڪرڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي، ۽ جيڪڏهن هو باهر نڪرندو هو، تہ سندس رعايا هن کي ٿورن سان ڪٽي ماري ڇڏيندي هئي. سندس محلات جي دريءَ وٽ هڪ زنجير لٽڪيل هوندو هو، ۽ جڏهن ۽ ڪنهن کي ڪا شڪايت ڪرڻي هوندي هئي، يا انصاف جي تقاضا ڪرڻي هوندي هئي، تہ هو وڃي انهيءَ زنجير کي چڪيندو هو، ۽ پوءِ بادشاهہ هن کي مٿي گهرائي سندس دربانت ڪندو هو.

۵۔ ڪاڏي جي اوبر ڇڏڻ تي بندش: ساڳيءَ ريت، ماڻهوءَ تي سندس ڪاڏي جي اوبر يا سندس ڪاڏي جي ڪانوڻ جي وسيلي ۽ جادو ڪري سگهجي ٿو. نسبتي جادوءَ جي اصول مطابق، ڪاڏي ۽ اوبر جي وچ ۾ قريبي واسطو ۽ رابطو رهي ٿو، جنهنڪري اوبر تي جادوءَ جو عمل ڪري، انهيءَ ڪاڏيءَ کي ۽ ساڳئي نموني سان متاثر ڪري سگهجي ٿو. جيڪو ڪانوڻ واري جي پيٽ ۾ پهچي چڪو آهي، ۽ ان جي وسيلي سان وري ڪائيندڙ تي اثر وجهي سگهجي ٿو. ڏکڻ آسٽريليا جا "ناري يانا" قبيلي وارا هميشہ جانورن، پکين ۽ مڇين جي چوپيل هڏن جي تلاش ۾ رهندا آهن، چو تہ انهن هڏن مان هو ڏاڍا خطرناڪ ڪم وٺندا آهن. ان ڪري منجهانئن هرڪوئي انها خاص خبرداري ڪندو آهي تہ جيئن هڏا هو چوپيندو آهي، تن کي هو ساڙي ڇڏيندو آهي، تہ متان انهي ڪنهن جادوگر جي ور چڙهي وڃن ۽ هو انهن تي ڪو نقصانڪار جادو ڪري، ڪيس ضرر ۽ تڪليف پهچائي سگهي. بهرحال ڪڏهن ڪڏهن جادوگر انهن هڏن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويندا آهن ۽ ان وقت هو انين سمجهندا آهن ته جنهن ماڻهوءَ يا ماڻهن انهن هڏن تان پوڙيون پٽي، ڪاڏيون هونديون، تن جي زندگيءَ ۽ موت جو داروسدار سندن ئي رحم و ڪرم تي منحصر آهي. جادوءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هو مڇيءَ جي تيل ۽ سندر مان ليئي ٺاهي، ان ۾ ڪاڏ مڇيءَ جي اک جي تاري ۽ ڪنهن مڙدي جي سڪل گوشت ڪري جو پورو وجهندو آهي. انهن کي ملائڻ کان پوءِ، مرڪب مان گولي ٺاهي، ان کي انهيءَ اوبار يا چويل هڏي جيڏي مٿان چنبڙائيندو آهي، جيڪو هن کي هٿ لڳو هوندو آهي. انهيءَ هڏي ۾ جادوءَ جي زياده تيز اثر آڻڻ ۽ ان کي زياده پهلڪ بڻائڻ لاءِ، ڪجهه دير تائين ان کي ڪنهن مڙدي جي چاتيءَ جي اندر رکندو آهي، ته جيئن هو ڪاري جادوءَ جي "نجاست" کي جذب ڪري. آخر ۾، اتان کڻي، ان کي باه جي مچ جي ڀرسان زمين ۾ کوڙي چڏيندو آهي، ۽ جيئن گرميءَ جي سبب ڪري، ان ۾ چنبڙيل آها موٽمار گولي ڦرندي ويندي، تيئن اهو ماڻهو ۾ ڦرندو ۽ سڙندو ويندو، جنهن جي خلاف جادوءَ جو هي سڄو اهتمام ڪيو ويو هوندو آهي. جيڪڏهن سڄي گولي باه جي تَوَ تي ڪري سڙي ويندي، ته اهو ماڻهو اڻت سري ويندو. جڏهن ۾ اهڙي ماڻهوءَ کي خبر پئجي ويندي آهي ته ڦلاڻو جادوگر مٿس جادو ڪري رهيو آهي، تڏهن هو انهيءَ جادوءَ کيل هڏي کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي حالت ۾، جادوءَ جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ هڏي کي ۾ ٽڪر ڪري ڪنهن درياه يا ڍنڍ ۾ ڦٽو ڪري چڏيندو آهي. نيوهيبرائيڊس جي ٽاڻا ٻيٽ ۾ رهندڙ وحشي پنهنجي خوراڪ جي اوسر سمنڊ ۾ اڇلائيندا آهن ته شيطان اهي ڪنهن مرض-ساز (جادوگر) کي هٿ لڳي وڃن. جو ته جيڪڏهن اها ڪنهن به اهڙي ڏاڻهه کي هٿ اچي ويندي، ته ٻوءِ هو ان کي باه ۾ آهستي آهستي ساڙڻ شروع ڪندو. مثال طور جيڪڏهن هو ڪيلو کائي، ان جي ڪل اڇلائيندو، ته بيمارين وارو جادوگر انهيءَ ڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ساڻڻ شروع ڪندو، ۽ جيئن اها کل سڙندي رهندي، تيئن ڪيس ڪوڙ مرض لاحق ٿي پوندو ۽ ڪيس مجبوراً انهي جادوگر کي گهرائڻو پوندو ۽ هن جون خوشامدون ۽ منٿون ميڙون ڪرڻيون پونديون، ۽ هن کي سوڪڙيون ۽ ڏڻ دولت پيش ڪرڻا پونداڻ تہ جيئن هو ان کيلي جي کل کي ساڻڻ کان باز اچي. نيوگائنا جا قبائلي ٻ ساڳيءَ طرح سان ڪاڏي جي اوير، يا ڪلن يا هڏي کي نہ اچلائيندا آهن، تہ متان اهي سندن دشمن جي هٿ چڙهي وڃن ۽ هو انهن کي استعمال ڪري اڳو پوءِ سندن ستيا ٿي ناس ڪري ڇڏي. ان ڪري هو پنهنجي اوير کي يا تہ ساڙيندا آهن، يا سمنڊ ۾ اچلائي ڇڏيندا آهن، يا وري نقصان کان بچڻ لاءِ ان کي ڪنهن اهڙي هنڌ غائب ڪري ڇڏيندا آهن، جتان ان کي ڪو ڪٿي تہ نہ سگهي ۽ ڪنهن کي انهيءَ طرف ڪو گمان ٻ نہ وڃي.

ساڳئي ٿي قسم جي جادوءَ جي ڊپ کان، لوئانگو جي بادشاه جي اوير کي ڪوبہ بہ بشر هٿ ڪونہ لڳائيندو آهي، ان کي زمين ۾ ڪڍ ڪٽي دفن ڪيو ويندو آهي. ڪنهن کي بہ بادشاه جي برتن ۾ پاڻي پيئڻ جي اجازت ڪانهي. پراڻي زماني جا روسي ڪڍهن بہ ڪڪڙ يا ڪميءَ جا آنا ڪائيندا هئا، تڏهن انهن جي کلن کي هڪدم پڄي چورو ڪري ڇڏيندا هئا، تہ متان اهي دشمن کي هٿ لڳي وڃن ۽ هو انهن تي جادو ڪري، مٿن ڪو برو اثر وجهي ۽ کين ڪو نقصان پهچائي. هيءَ جو موجوده سڌريل دنيا جي ڪيترن حصن ۾ اڃا تائين آڻن جي استعمال کان پوءِ انهن جي کلن کي پڄي ڇڏڻ جو رواج آهي، تنهن جو بنياد بہ شايد انهيءَ وهم جي ڪري ٿي شروع ٿيل ٿو ڏسجي.

وحشي انسان کي جيڪو جادوءَ جو ڊپ آهي، جنهنڪري هو پنهنجيءَ اوير کي اهڙن مختلف ذريعن سان ناس ڪرڻ جا جتن ڪري ٿو، سو پنهنجيءَ جاءِ تي واقعي فائديمند آهي، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو پنهنجي ڪاڏي جي برت ۽ ٻيءَ گندگيءَ کي ناس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي اکري ها ته شايد ڪن متعدي بيمارين ۾ مبتلا ٿي. اهو سچ پچ ٻنهنجي ٻڌاڻ کي جوکي ۽ واجهندو رهي ها. ظاهر آهي ته اها ڪالهه جادوءَ جي نقصان ڪان زياده هن ڏاڍ ٻنهنجي موتيار ڏاڍت ٿي ها. اهو به سچ آهي ته ارڪو قبيلي ۾ ماجول ۽ وسڪرداڻيءَ جي صفائيءَ ٿي ئي ان ڪري ڪجو اثر نه ٿيو آهي. هن حيرت جي ڳالهه آهي ته انهيءَ ڪاڻ ئي نماد ڏيڻ لاءِ ڪئي مثبت ۽ ان جي اثر جي غلط نظريي جي ڪري ٿي انهن ماڻهن وٽ، جيڪي انهيءَ ڪري ۽ رات ڏينهن مبتلا رهن ٿا، مهمان نوازيءَ هڪٻئي جي عزت ۽ اعتبار جي شاندار جذبن کي تقويت ۾ ملي آهي. جو ته جيڪو به ماڻهو ٻئي ڪنهن کي هن جي ڪاڏي جي اوبر جي ذريعي نقصان پهچائڻ جو ارادو رکندو، سو ڪڏهن به پاڻ اهو ساڳيو ڪاڏو ڪائي ان جي اوبر ۾ ٻنهنجي اوبر ملائي چڏڻ نه چاهيندو، جو ته جيڪڏهن هو ائين ڪندو، ته پوءِ هر آهنگ جادوءَ جي اصول مطابق، هو به ساڳيءَ طرح نقصان سهندو، جهڙيءَ طرح اهو ٻيو سهندو، جنهن کي هن نقصان پهچائڻ جو ارادو ٿي رکيو. انهيءَ خيال جي ڪري ئي اوائلي معاشري ۾ ڪڏجي ويهي ڪاڏي ڪائڻ جي رواج کي ايتري قدر احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. به جڏا پاڻ ۾ ڪڏ مائي ڪائي، گويا هڪٻئي کي ٻنهنجيءَ جگيءَ چال جو سرٽيفڪيٽ ڏين ٿا ۽ منجهائڻ هڪڙو گويا پاڻ کي ٻئي وٽ بطور يرغمال جي ٻيهر ڪري ٿو، ٻئي هڪٻئي کي اهو يقين ڏيارين ٿا ته هو هڪٻئي جي خلاف ڪا شرارت نه ڪندا، جو ته هڪ ئي پاڻ مان ڪڏ ڪائڻ ڪري، هڪٻئي سان اهڙي ته ڳهري ناتي ۾ جڙجي وڃن ٿا، جو جيڪڏهن انهن منجهان هڪڙو ٻئي جڏي کي ڪنهن نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو، ته هڪ ئي مشترڪ ڪاڏي جي ڪري، هن کي پاڻ به اوترو ئي ضرر پهچندو. جيترو هو ٻئي کي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو. منطق جي لحاظ کان، اهڙن ٻن ماڻهن جي درميان نسپتي جادوءَ جي اصول جي ماتحت، اها هڪجهڙائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ايڪانگڪ تيستائين قائم رهندي، جيستائين سندن ٻيٽن ۾ اهو ساڳيو ڪاڏو ان-هضم ٿيل حالت ۾ موجود هوندو. ان ڪري ان ڏرين جي هوڻتاني ۽ يا برادري ناتي قائم ڪرڻ لاءِ گڏ ڪائڻ جي قانون کي ايتري پختگي ۽ اهميت ڪلان نصيب ٿي آهي، جيتري هيڪٻئي جي نسن ۽ رت ملائڻ واري رواج کي نصيب ٿي آهي. جو تم انهيءَ طريقي سان ٻنهي رت ڏيندڙ ڏرين جي درميان دائمي ناتو قائم ٿي وڃي ٿو ۽ هو سڄي عمر تائين هيڪٻئي سان قريبي تعلق ۽ رشتي ۽ رشتي ۾ منسلڪ ٿي وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ويهون

جهل يا روڪ ـ ماڻهن جي حالت ۾

۱ـ بادشاهن ۽ سردارن تي پابندي: اسان ڏسي آيا آهيون ته سيڪاڏو جو طعام هر روز نون برتنن ۾ پچايو ويندو هو ۽ نين رڪابين ۾ ڪيس پيش ڪيو ويندو هو، ديگڙا ۽ ٽالهيون سڀ رواجي مٽي ۽ مان ٺاهيا ويندا هئا، ته جيئن انهن کي هڪ دفعي استعمال ڪرڻ کان پوءِ پاسي ڪري ڇڏجي يا ٻئي پچي ڇڏجي. انهن کي عموماً پچي ڇڏيندا هئا، جو ته عام اعتقاد هو ته جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو انهن مقدس ٽالهين ۾ کائيندو، ته ان جو وات ۽ گلو قلوڪٽا قلوڪٽا ٿي، سڄي ۾ سڙي ويندو. ساڳيو ئي اثر اهڙي ماڻهوءَ تي به ظاهر ٿي ڪيو ٿي، جيڪو سيڪاڏو جي اجازت بغير سندس ڪپڙا پائي ها. اهڙي ماڻهوءَ جو به سڄو بدن رڄهي ۽ سڄي ٻوي ها. فجيءَ ۾ بيماريءَ جو هڪڙو خاص نالو (ڪانالاما) آهي، جنهن لاءِ عام اعتقاد آهي ته سردار جي ٽانوڻ ۾ ڪاڏي ڪائڻ يا هن جي پاتل ڪپڙن پائڻ سان اها بيماري ماڻهوءَ کي ٿي ويندي آهي. "گلو ۽ بدن سڄي ويندا آهن ۽ اهو گستاخ مري ويندو آهي. ٻون کي هڪ شخص هڪ خوشنما تڏو ڏنو هو، جنهن کي ڪيس استعمال ڪرڻ جي جرئت ڪانه هئي، جو ته 'ڪاڪوبا' جو وڏو پٽ ان ۾ ويڙهو هو. قبيلي ۾ هڪ اهڙو ڪتب ۽ هوندو هو، جنهن کي اها بيماري ڪاڻ وڃي هئي. ٻون هڪ دفعي ان باري ۾ 'ڪاڪوبا' سان ذڪر ڪيو. 'ها ها' هن چيو 'اڙي فلاڻا هيڏانهن اچ، منهنجي ٻڌ کي ڪر'. ان ماڻهوءَ اڃي اچي هن کي ڪنهيو، اهو ماڻهو انهيءَ ڪتب واڻن ٻان هڪ هو، جي اهڙا ڪر سلامتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ دليريءَ سان ڪري سگهندا هئا." جن ماڻهن کي اهڙي اعليٰ درجي جي رعايت (عهدو—> هڏو) مليل هو، تن جو نالو "نندوڪاڻي" يعني "سردار جي ٻڍي" هو.

مطلب ته ميڪاڊو ۽ نجيءَ جي سردار جي برتن ۽ ڪپڙن جي استعمال ماڻ جيڪي برا نتيجا نڪرن ٿا، تن ۾ اسان کي ديوتا انسان جي ڪردار جو اهو ٻيو رخ نظر اچي ٿو. جنهن ڏانهن هن ڪاڻ اڳ ئي ڌيان ڇڪايو ويو آهي. اهڙو ئي ديوتا انسان هڪ ئي وقت رحمت ۽ رحمت جو ذريعو آهي. هن جي نه فقط حفاظت ڪرڻ لازمي آهي، پر ڪائنس بچي رهڻ به ضروري آهي. سندس مقدر ۾ وجود اهڙو لازمي آهي جو هٿ لائڻ سان اهو درهم برهم ٿي وڃي ٿو. ساڳئي وقت اهو هڪ اهڙي طاقتور جادوءَ يا روحاني قوت سان ڳنڍجي برقي انداز ۾ پريل رهي ٿو جو هر لها چيز يا ماڻهو سان ڳنڍيءَ يا هن جي ويجهو ويندي ئي ساڙي ملڪ آهي ته هڪدم سڙي ويسم ٿي وڃي. ان ڪري ديوتا انسان جي تنهائي ۾ هن جي ملازمتي لاءِ اهڙي ئي ضروري آهي جهڙي سندس حفاظت لاءِ. شديد جادو انگيز خصوصيتن جي نوعيت جي آهي. هن جو ديوتا پڻو هڪ اهڙي ٻاهه آهي جا جيڪڏهن مناسب حدن ۾ لازمي بندشن هيٺ آهي ته ان کي لاتعداد نعمتون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. پر جيڪڏهن ان کي ٻهراڻي سان ڇهيو يا ان کي جڏ ڪاڻ ٻاهر نڪرڻ ڏيو ته اها ساڳي ئي چڙي ۽ ٻوڙ جيڪا ڪجهه ڏينهن اڳ مون آڻي ملائي جو اتي "اهل ته خدائي ٻاهه آهي" ان هٿ وجهيو ته فوري جلي خاڪ ٿي ويندو."

مشرقي آفريڪا جي جبل ٽيوبا جي جهنگلي سرسبز لاهين ۾ رهندڙ ٽيوبا قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن اهي پنهنجي ووجاري بادشاهه جي گهر ۾ پير رکندا، ته هڪدم سڙي ويندا. بهرحال اهي پنهنجو ڏاڙو ڪلهو اڳهاڙي ڪري ۽ ان ئي بادشاهه کان هٿ ڪائي انهيءَ حد ڏانهي جي موتمار نتيجي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کي بچائي سگهن ٿا. جيڪڏهن کو ماڻهو اهڙي پٿر تي ويهندو، جنهن کي بادشاه پنهنجي استعمال لاءِ مقدس ڪري ڇڏيو هوندو، تہ اهو گستاخ هڪ سال جي عرصي ۾ مري ويندو. اٽڪولا جا ڪازيهي قبيلي وارا پنهنجي بادشاه کي اهڙو تہ مقدس سمجهندا آهن، جو سندن اعتقاد آهي تہ ان کي جيڪو به هٿ لائيندو، سو ان جي مقدس وجود ۾ جيڪا جادو انگيز طاقت موجود آهي، تنهن جي اثر کان مري ويندو. پر جيڪڏهن تہ ڪن وقتن تي ان سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لازمي ٿي تو، ان ڪري هتن هڪ اهڙي ترڪيب ايجاد ڪئي آهي، جنهن جي وسيلي گنهگار جي زندگي بچي ويندي آهي. بادشاه جي ساهون کوڙن ڀر جهڪي، هو شاهي هٿ کي پنهنجي هٿ جي پٺ سان ڇهندو آهي، جنهن کان پوءِ هو آگرين سان ٽڪاءُ ڪيندو آهي، ان کان پوءِ هو پنهنجي هٿ جي تري بادشاه جي هٿ جي تري تي رکي، وري آگرين سان ٽڪاءُ ڪيندو آهي. اها رسم ڪيترن ئي ڏينهن تائين ادا ڪئي ويندي آهي. اهل فوڙي سوت جي خطري کي ٽاري ڇڏيندي آهي. لونگا ۾ وري هي اعتقاد عام آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن اعليٰ سردار جي مقدس جسم يا ان جي ڪنهن شيءِ کي هٿ لائي، کان پوءِ ان هٿ يا شيءِ سان ويهي ڪائيندو، تہ اهو سڄي پوندو. ۽ مري ويندو. سردار جو تقدس، هڪ مهلڪ زهر وانگر سندس ماتحت جي هٿن کي متاثر ڪري ڇڏيندو. پوءِ تقدس جو اهو زهر مٿس هٿن ذريعي کاڌي ۾ پهچي، يقيناً کائڻ واري لاءِ موتمار ثابت ٿيندو. ٻر ڪوه ماڻهو جيڪو اهڙي خطرناڪ هنڌ آيل هوندو، سو هڪ مخصوص رسم ادا ڪري پاڻ کي جراثيم کان پاڪ ڪري ٿو سگهي. هن کي چا ڪرڻ پوندو هو جو سردار جي ٻر جي پاسي کي پنهنجن ٻنهي هٿن جي آڱرين سان مهڙي، پوءِ پنهنجا هٿ پاڻ سان ڏوئي ڇڏڻا هئا. جيڪڏهن ويجهڙائي ۾ کو پاڻي موجود نہ هوندو هو، تہ پوءِ هو پنهنجن هٿن کي ڪيوڙي جي رس ذريعي سان اڳهي ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ هو بلکل بيفکر ٿي پنهنجن هٿن سان کاڏو کائي ٿي سگهيو. پر جيسين هن توبهه تائب ٿيڻ يا تقدس جي جراثيم کان پاڻ کي آجي ڪرڻ جي رسم ادا نه ڪئي هئي، تيسين جيڪڏهن کيس کاڏي کائڻ جي خواهش پيدا ڪئي ٿي ها، ته به کيس يا ته پئي ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿان کاڏو کائڻو پوندو هو يا وري کيس گوڏن ڀر ويهي، چوپائي وانگر وات سان کاڏو کٽي کائڻو پوندو هو. رڳو ڏندن ۾ کوٽي ۽ کيس پنهنجن هٿن سان استعمال ڪرڻ جي اجازت ڪا نه هوندي هئي. پر اها به پئي ڪنهن جي هٿ ۾ ڏيئي، ان کي چوڻو هوس ته 'هين يا هُن ڏند ۾ ڪنڊ آهي سو صاف ڪر'. ٽونگا جي باشندن کي جيري جي هڪڙي بيماري ٿيندي هئي، جنهن ۾ جيرو سڄي پوندو آهي ۽ ان ۾ سخت عذاب ٿيندو آهي، جنهن کي اهي پنهنجي سردار جي جسم يا سندس ڪنهن شيءَ کي بي‌خيالي ۾ ڇهن ۽ ان بعد توبهه تائب ٿيڻ جي رسم ادا نه ڪرڻ جو نتيجو سمجهندا هئا. ان ڪري، اهي بطور حفظ ماتقدم، اها رسم آئين ٿي ادا ڪري ڇڏيندا هئا، حالانڪ انهن کي معلوم ۽ ڪونه هوندو هو ته انهن کان ڪو اهڙو فعل سرزد ٿيو به هو، جنهن جي پاداش ۾ ڪين ان رسم جي ادائگيءَ جي ضرورت هئي. ٽونگا جو بادشاهه باوجود هن ڪالهه جي ته کي ماڻهو ڪانئس اويري سويري سندن اڳيان پنهنجي پير حاضر ڪرڻ جي تقاضا ڪندا هئا، ۽ ان کي ويهي مهٽن جي ڪانئس اجازت گهرندا هئا، ڪڏهن به ان رسم جي ادائگيءَ خاطر سائلن جي اڳيان پنهنجو پير ڪڍي ڏيڻ کان انڪار ڪونه ڪري سگهندو هو. هڪ پيري، انهن جو هڪڙو ٽلهو ۽ بي ڊولو بادشاهه جنهن باهر چهل قدمي پئي ڪئي، تنهن جو ڏٺو ته ڪجهه انداز کان زياده غرضمند معتقد ڏانهنس ڪاهيندا پيا اچن، سو پٽ ڏيئي ولي ڊوڙ پاتائين ۽ ڏو وڃي محلات ۾ ساه پٽيائين. جيڪڏهن ڪنهن جي دماغ ۾ اهو وهم اچي ويهندو هو ته هن اڳيئي اهڙن هٿن سان کاڏو کائي وڏو آهي، ته پوءِ هو سردار جي ساڻهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهي رهندو هو؟ سردار جو پير هٿن ۽ ڪٽي، ان سان پنهنجي پيٽ کي ڏهائيندو هو، تہ جيئن سندس پيٽ ۽ پيل کاڏو کيس ڪو ضرر نہ پهچائي؟ هو سڄي مري نہ وڃي. جيئن تہ لونگا وارا سمجهندا هئا تہ جيري جي اها بيماري اهڙن هٿن سان کاڌي کائڻ جو نتيجو هئي، جن سان کين کائڻ جي اجازت ڪانہ هئي، ان حالت ۽ اسين هي؟ قياس ڪري سگهون ٿا تہ انهن ۽ جن ماڻهن کي اهو مرض ونندو هو، سي گهٽو ڪري ان جو علاج بادشاه جي پير سان پيٽ کي زور ڏياري يا ان سان پيٽ کي چهي ڪندا هئا. هن رسم جي مشابهت قديم برطانوي رواج سان جنهن موجب جيري جي اهڙي؟ بيماري؟ وارن مريضن جو علاج کين بادشاهن وٽ ڏني اچڻ؟ انهن کي شاهي هٿ لائڻ سان ڪرايو ويندو هو، صاف ظاهر آهي، ؟ جيئن مون هن کان اڳ اها راء ڏني آهي تہ ان سان هي؟ انومان نڪري ٿو تہ قديم زماني ۽ انهي؟ بيماري؟ کي جو "بادشاه جي برائي" سڏيو ويندو هو، سو ان کي اهو ٿالو شايد هن اعتقاد سبب ڏنو ويو هجي تہ اهو مرض بادشاهن جي ديوتائي جاه و جلال سان لهه وچڙ ۽ اچڻ سبب لاحق ٿيندو هو؟ ان جو علاج ۽ ساڳئي ٿي رستي ٿيندو هو.

نيوزيلنڊ ۽ ۽ سردارن جي تقدس جو ڊپ ڏري گهٽ اوترو ئي هو، جيترو لونگا ۽ هوندو هو. انهن جي وجود جي اها برقي طاقت، جا وري کين پنهنجي ڪنهن قديم ابي ڏاڏي کان حاصل ٿيل هئي، جنهن کي ۽ چهندي هئي، تنهن ۽ ڦهلجي ويندي هئي؟ جيڪي گستاخي ڪري، يا بيخبري؟ وچان، ان سان هٿ چرائيندا ڪندا هئا، تن کي اتي جو اتي سوٽ جي دروازي تائين پهچائي چڏيندي هئي. مثال طور هڪ دفعي نيوزيلنڊ جي هڪ اعليٰ رتبي؟ عظيم تقدس واري سردار پنهنجي کاڌي مان بچيل حصو رستي جي هڪڙي پاسي اچلائي چڏيو هو. هڪ پيٽ بکيو ۽ ڦلهو متارو، پهلوان قسم جو پانهو، سردار جي روانگي ٿيڻ بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اتان اچي لنگهيو، تنهن بچيل کاڏو ڏسي، بغير ٻڌائڻ جي
ان کي گڙڪائي ڇڏيو. هن احسان کائي بس نه ڪئي ته ڪنهن
حيرت زده ماڻهوءَ، جو ڪيئن هري کان ڏسي رهيو هو، پاڻهي ڪئي
ٻڌايو ته هو جيڪو کاڏو کائي رهيو هو، سو هڪ سردار جو بچايل
کاڏو هو. "آءٌ انهيءَ بدنصيب ڏوهاريءَ کي چگيءَ طرح سڃاڻندو
هوس، هو پنهنجيءَ ديريءَ سبب مشهور هو. قبيلي جي جنگين
۽ ناڻو ڪڍڻ هٿائين." پر هن اها موتمار خبر ٻڌي ٿي نه سگهي،
پيٽ ۾ اهڙو ته غير معمولي سور اچي ويو، جو ان سان ڪيئي ڏينهن
سڄ، غروب ٿيڻ تائين تيسين نه لٿس، جيسين هو مري نه ويو. هو
هڪ مضبوط ۽ طاقتور انسان هو ۽ ڦوهه جواني ۾ هو ۽ جيڪڏهن
کيس آزاد خيال 'ريڪيها' (يورپي) جوڙي ها ته ان کي سردار جي
'ٽاپو' جو ڪاڏي نه گهڙي ويو هو، ماري نه وڌو هو. ته ان جي
اها دليليازي سندس ان ڄاڻائيءَ جي ثابتي شمار ٿئي ها ۽ سمجهجهي
ها ته منجهس اهڙن سڀين شهادتن جي سمجهه جي صلاحيت
کهڙي هئي."

وڃڻي معاشري جو هيءَ کوڙ پنهنجي نوعيت جو اڪيلو مثال
ڪونهي. هڪ مائوري عورت ڪجهه ڏل کائي ويئي، جڏهن کان
هوءَ کيس ٻڌايو ويو ته اهي اهڙيءَ جاءِ تان ڪنيا وڃا
آڻڻ جاڻ هئي ۽ جنهن ڪري روڪ ٻيل هئي، هن ماڻهي آواز
چيو: "هوءَ ته سردار جو روح، جنهن جي تقدس سان هٽ وڃائي
ٽي هئي، تنهن جي پيٽ مون کي ياري ڇڏيندي." راهي واقعي
ڪن ٻهرن کان هوءَ ٽيهه ڪ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هوءَ فوت ٿي
ويئي. مائوري قبيلي جي هڪ سردار جي ٻاهه ٻارڻ جي ساڻان واري
صندوق هڪ دفعي متعدد ماڻهن کي ٻارڻ جو سبب ٻڌي هئي ۽
چار ٻيو جو اهل هڪ ڀيري غائب ٿي ويئي، ۽ جي ڪن ماڻهن
جي هٽ چڙهي، جن کي ان جي اصلي نوعيت جو ڪو پتو ڪونه
هو. هنن چا ڪيو، جو ان سان پنهنجا حقا ٻارڻ ويهي رهيا.
ٽيندي ٽيندي جڏهن کين خبر پئي ته اصل ڪنهن جي هئي، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ڊپ اچي گهٽين، جو مرڪو ئي مري ويا - ساڳيءَ طرح نيوزيلنڊ جو هڪڙو اعليٰ قبائلي سردار ٽي ڪذريو آهي، جنهن جا انگ لڏل ڪپڙا جيڪو به پائيندو هو، سو هڪدم مري ويندو هو. هڪ دفعي ڪنهن عيسائي مبلغ سردار کي ڏنو ته لڪريءَ جي چوليءَ تان پنهنجو ڪٽو ڪٽي هيٺ اچلايائين - شايد وزندار هو، جنهن سبب ڪيس ڏکيو ٿي لڳو. جڏهن مبلغ هن کان دريافت ڪيو ته ڪٽو ڪنهن غريب جي استعمال لاءِ ڪنهن وڻ جي چوليءَ تي چو نه ٽي رکي چڏيائين، تڏهن سردار کيس جواب ڏنو ته "انهيءَ ڪري، جو جيڪڏهن کو اهو ڪٽي ڏيکيندو، ته منهنجو 'ٽاپو' (روحاني طاقت، جا ڇهن ذريعي ڪٽي ۾ ڪٽي مان انهيءَ ماڻهوءَ ۾ هلي ويندي) ان ماڻهوءَ کي خواهمخواه هلاڪ ڪري چڏيندو". ساڳئي ٽي سبب ڪري هڪ مائوري سردار ڪڏهن به ڪوڪون ڏيئي ٻاه نه ٻاريندو، چو ته سندس مقدس روح پنهنجو تقدس ٻاه ۾ پهچائيندو، جا وري ان کي ٻاه تي رکيل برتن ۾ پهچائيندي، جو ان کي برتن ۾ پيل گوشت ۾ پهچائيندو، جنهن جي ذريعي اهو انهيءَ ماڻهوءَ وٽ وڃي رسندو، جو گوشت کائيندو، جو برتن ۾ هو، جو ٻاه مٿان رکيل هو، جنهن کي سردار ڪوڪون ڏيئي ٻاريو، اهڙيءَ طرح ويچارو گوشت کائيندڙ، جنهن تائين مٿين ذريعن وسيلي سردار جو مقدس روح وڃي پهچندو، سو يقيني طور مري ويندو.

جنانچه پولينيشيائي نسل واريءَ قوم ۾ جنهن جي مائوري قبيلي وارا هڪ شاخ آهن، سندن مقدس سردارن جي چوڌاري وهم پرستيءَ جي هڪ اهڙي پيانڪ عالم پناه اڏيل هئي، جنهن کي جاڻي واڻي کوبه اورانگهي ڪونه ٽي سگهيو ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ به جيڪڏهن ڪنهن کان اهڙي گستاخي سرزد ٿي ٽي ويئي، ته حقيقت معلوم ٿيندي ٽي، اهو بد نصيب يقيناً موت جو شڪار ٿي ٽي ويو. تصور جي هيءَ مهلڪ طاقت، جا خالص وهم جي پيدا ڪيل هوڻ خوفن ۽ خطرن ذريعي ٽي پنهنجو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿي، يقيناً هڪڙي قوم يا هڪڙي قبيلي تائين محدود ڪانهي، پر وحشي معاشري ۾ اها عام جام موجود آهي. مثال طور آسٽريليا جي قديم النسل قبيلن جو هڪ وحشي بلڪل اڇاتري زخم سبب ٿي مري ويندو، جيڪڏهن هن کي اها خاطري ٿي وڃي ته جنهن هٿيار سان کيس زخم رسايو ويو هو، تنهن تي منتر ڦوڪيل هو. ان ۾ ان قسم جي جادوءَ جي طاقت پريل هئي. ان کان پوءِ هو بلڪل چپ چاپ ٿي ليٽي پوندو، ڪاڏي ڪائي ڪان ڀاڪ اڇڪار ڪندو. آهستي آهستي ڳري جهڙي مري ويندو. ساڳيءَ طرح برازيل جي ڪن قبيلن ۾ جيڪڏهن ڪو ويجهو ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ تي ناراض ٿي سندس موت جي پيشينگوئي ڪندو هو ته اهو بدنصيب هڪدم پنهنجي ڪائين بستري ڏانهن دل ۾ موت جو اهڙو پڪو يقين رکي ويندو هو، جو هو نه ڪائيندو هو ته پيئندو هو. سمجهندو هو ته هن جي باري ۾ ويجهه جي پيشينگوئي هڪ اهڙو اٽل فيصلو هو، جنهن کان هو ڪڏهن به بچي نه سگهندو. ڪوبا سندس موت جي فتوا ويجهه صادر ڪئي. ان جي تعميل لاءِ جلاد جو فرض سندس اعتقاد ادا ڪيو.

ماڻهن کان پرهيز: چنانچه پنهنجن بادشاهن، سردارن کي هڪ خفيه روحاني طاقت سان سرشار سمجهي، جا ٿوري گهڻو وڌ سان هڪدم ڇاچولجي ٻاهر وهڻ شروع ڪري ٿي ڏئي، ۽ هڪ وحشي فطرتي طور کين معاشري جي هولناڪ عناصرن سان هڪ ڪري تصور ڪري ٿو. انهيءَ ئي سبب مڻائن اهي ساڳيون بندشون عائد ڪري ٿو، جي هو قاتلن، حيض واريون عورتن ۽ بين اهڙن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪري ٿو، جن کي هو هڪ نامعلوم ڊپ ۽ دهشت جي نظرن سان ڏسڻ لازمي سمجهي ٿو. مثال طور پولينيشيا ۾ مقدس بادشاهن ۽ پوجارين کي پنهنجي هٿ سان ڪاڏي ڪائڻ جي اجازت ڪاتر هوندي هئي، ۽ کين پيا ڪارائيندا هٿان ۽ جيئن اسين تازو ڏسي آيا آهون، سندن برتن، ڪپڙن ۽ ٻي ڪنهن به ملڪيت کي ٻيو ڪو، ماڻهو، موت سهسائن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان سواءِ استعمال نہ ڪري سگهندو هو. ڪي وحشي بلڪل اهڙيون ساڳيون رسمون ۽ رواج اهڙين چوڪرين تي جن کي ڀريون دفعو ماهواري آئي هجي، ويڙهڪيل عورتن تي، قالمن تي، ۽ ماتمين ۽ بين سيني اهڙن ماڻهن تي جن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح مُڙدي سان واسطو رهيو هوندو، عائد ڪندا آهن. چنانچہ، مثال طور، انهن سيني مان پوئين طبقي جي ماڻهن کي ٿو ولجي، تہ مائوري قبيلي وارن ۾، اهڙي ماڻهوءَ سان سڀ تعلقات منقطع ڪيا ويندا هٿا ۽ ان کي ذري گهڻ هر انسان کان قطع تعلق ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو، جنهن مڙدي کي هٿ لاتو هوندو، ان کي قبر تائين پهچائڻ ۾ مدد ڏني هوندي يا جنهن مئي ماڻهوءَ جي هڏن کي هٿ لاتو هوندو هو. هو ڪنهن به گهر ۾ داخل ڪونہ ٿي سگهندو هو. ڪنهن به ماڻهوءَ يا شيءَ کي هٿ لاتائين، تہ سمجهيو ويندو هو تہ ان کي پوٽ جنڙائي ڇڏيائين. هو پنهنجن مٽن سان کاڌي کي به ڇهي نہ سگهندو هو، ڇو تہ سندس هٿ اهڙا تہ ناپاڪ ۽ اڳرا سمجهيا ويندا هٿا. جو اهي هن لاءِ گويا بلڪل ئي بيڪار ٿي ڇڪا هٿا. هن لاءِ کاڌو زمين تي رکيو ويندو هو، ۽ هو هيٺ ويهي يا گوڏن ڀر ٽڙي، هن کي احتياط سان پڻيان جهلي، جيئن ايندو هوس تيئن ڏکيو سکيو ويهي کائيندو هو. ڪن وقتن تي هن کي پيو ماڻهو پاڻهن ڏکوئي ڪري اهڙي نموني ويهي کاڌو وات ۾ وجهندو هو، جو هن جو ڪو عضوو ڪيس نہ لڳي، خود هين کاڌي کائيندڙ کي سخت پابندين ۾ جڪڙيو ويندو هو، جي سختيءَ ۾ انهن کان گهٽ ڪونہ هونديون هيون، جي واسطيدار ماڻهوءَ مٿان عائد ٿيل هونديون هيون. عموماً هرهڪ ڪوٽ ۾ هڪ اهڙو پست درجي وارو، نيچن کان زياده نيچ، انسان موجود هوندو هو، جو اهڙي قسم جي خدمت تي مامور هڻ سبب ڏاڍ لعنت جي روزي ڪمائيندو هو. اڳرين ڪپڙن ۾ ملبوس، مئي کان ولي پيرن تائين ڪاڙهي رنگ جي ڪپڙي ۾ ڍڪجي، جي تيل جي بدبوءَ سان ڀريل، هميشہ تنها،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموشي، گھٽو ڪري سن رسيده، ٽڪل ۽ سڪل سڙيل ۽ ٻيا اوقات نيم پاڳل— هن کي ڪنهن به وقت عام ماڻهن سان پريل گھٽين ۽ رستن ڪاڻ دور، دنيا جي ڪمن ڪارين ۽ مشغولين کي اهڙين بي نور نظرن سان تڪيندي ڏسي سگهبو هو، جن ۾ ڪڏهن به شريڪ ٿيڻ جي ڪيس ڪابه توقع ڪانه هئي. روزانو ٻه دفعا هن جي اڳيان ڪاڏو زمين تي ڦٽو ڪيو ويندو هو، جنهن کي، هٿن جي استعمال بغير، هن کي جيئن تيئن ڪائڻو پوندو هو، رات جو، پنهنجون گپ جهڙيون سٽيبون ٽڪڙيون ويڙهي، ڪکن ۽ ڪچري جي ڍير تي وڃي پوندو هو، جتي هو سڄي رات، گندگيءَ جي ماحول ۾ سرديءَ ۾ ٻڪئي ليٽ تي، پوٽن ۽ بدروحن جي قهقهن سان ڀريل، بدبختيءَ ۽ ڪم نصيبيءَ جا خواب ڏسي، زندگيءَ جي ٻئي ڏکئي ڏينهن جو انتظار ڪندو رهندو هو. فقط اهڙوئي شخص انهيءَ ماڻهوءَ سان دور ڪان ڪالهائڻ ۽ ٻئي ڪنهن اهڙي واسطي يا ناتي رکڻ جي قابل سمجهيو ويندو هو، جنهن پنهنجي ڪنهن دوست يا پياري عزيز يا اولاد جي ڪفن دفن جي سلسلي ۾ عزت ۽ احترام، پيار ۽ محبت جي جذبي ماتحت لاش کي هٿ لائو هوندو ۽ يا ان متعلق اهڙا پنهنجا آخرين فرض ادا ڪيا هوندا. آخر جڏهن ان ماڻهوءَ جي سوءَ يا پرهيزگاريءَ عرصو ختم ٿيندو هو ۽ جڏهن هن کي پنهنجن دوستن، عزيزن ۽ گهر جي ڀاتين سان ملڻ جلڻ جي اجازت ملڻ واري هوندي هئي، تڏهن هن جا سڀ برتن، جيڪي هن پرهيز جي وقت ۾ استعمال ڪيا هوندا هئا، نهايت خبرداريءَ ۽ حفاظت سان ڌوئي چوڻ چوڙ ڪيا ويندا هئا، ۽ جيڪي به ڪپڙا پاتا هوندائين، سي سڀئي باهر ڪڍي اهڙي هنڌ ڦٽا ڪيا ويندا هئا، جو ڪنهن به ٻئي کي هٿ نه لڳن ته متان پنهنجي نحوست ان تائين پهچائي ڇڏين. اها رسم هوبهو انهيءَ رسم وانگر هئي، جنهن موجب بادشاهن ۽ مقدس پوجارين، پادرين ۽ سردارن جا ڪاڏي جا برتن ۽ ڪپڙا، شاگرد يا سڏڻ جي ڪري، ٽوڙيا يا ساڙيا ويندا هئا. ديوتا، انسانن ۽ منڊن مان جيڪي جادو انگيز يا روحاني تاثرات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهر نڪرن ٿا، تن ۽ هڪ وحشي انسان اهڙي تہ هڪجهڙائي ۽ يگانگت محسوس ڪري ٿو، جو هو هڪ جي پاڪائي ۽ پئي جي نجاست جي خوشبوءَ ۽ بدبوءَ ۽ ڪوبہ فرق نٿو محسوس ڪري ۽ انهن ۽ ڪابہ تميز نٿو ڪري سگهي.

اهو قانون، جنهن مطابق ڪنهن بہ اهڙي ماڻهوءَ کي، جنهن سڙڻي کي هٿ لاتو هوندو هو، پنهنجي ڪاڏي کي ڇهڻ يا ڪائن جي منع ٿيل هوندي هئي، سو پالينشيا ۽ عام جام هوندو هو. ”ساموئا“ ۽ ”جيڪي بہ ماڻهو جنازي ۽ شريڪ ٿين ويندا هئا، سي پنهنجي ڪاڏي ڪائن مهل ڏاڍي خبرداري ڪندا هئا، ۽ هنن کي پيا ماڻهو ائين هٿ سان ويهي ڪارائيندا هئا، جيئن ڪنهن معصوم ۽ بيوس ٻار کي ڪارائبو آهي. جيڪڏهن ڪوبہ انهيءَ قانون جي پڇڙي ڪندو هو، تہ اهي سمجهندا هئا تہ سندن گهر جو ديوتا کين گنجو ڪندو يا سزا طور سندن ڏند پڇندو“. وري ٽونگا ۽ ”ڪوبہ ماڻهو سردار جي جنازي کي هٿ نہ لائي سگهندو آهي، جيستائين اهو پاڻ بہ سردار نہ هجي. ايءَ صورت ۽ هن کي چنڊ جي ڏهن مهينن تائين پرهيز واري مقيني قسم جي سزا سهڻي پوندي آهي، خود انهن سردارن کي بہ، جيڪي سردار جي سڙدي کي چهندا آهن، ٽن کان وٺي پنجن مهينن تائين ائين گذارڻو پوندو آهي. پرهيز جي انهيءَ عرصي جو دارومدار سابق سردار جي درجي تي منحصر هوندو آهي. ٽونگا (سيني کان وڏو ديوتا-روپ سردار) جي جنازي جي حالت ۽، ان کي فقط ٻيو نمبر وڏي ۽ وڏو سردار هٿ لائي سگهندو آهي. ۽ ان کي بہ ڏهن مهينن تائين پرهيز ۽ رهڻو پوندو آهي. جنهن عرصي لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي پرهيز جي سزا ملندي آهي، انهيءَ عرصي تائين هو پنهنجن هٿن سان پنهنجو ڪاڏو ڪوبہ ڪائي سگهندو آهي، ۽ ان کي پيا ڪارائيندا آهن، هو ڏند-ڪوٽي بہ پنهنجي هٿن سان استعمال ڪري سگهندو آهي، ۽ انڪا ڏند-ڪوٽي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۽ ڏيئي، ان جي هٿ کي پڪڙي اهو ڏند

ڏيکاريندو آهي، جنهن کي صاف ڪرڻو هوندو آهي، جيڪڏهن هن کي ڪنهن اهڙي وقت بک محسوس ٿيندي آهي، جڏهن ڪو ٻيو ماڻهو هن جي ويجهو ڪونه هوندو آهي، تڏهن هن کي وات سان ڪاڏو ڪٽي ڪاڻو پوندو آهي، جيڪڏهن هو انهن قانونن مان ڪنهن هڪ جي به تعميل ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندو، تہ ان حالت ۾، ماڻهن کي ڪو ڏوسو هوندو آهي تہ هو سچي پوندو ڦري ويندو."

برٽش ڪولمبيا جي شسيواپ قبيلي وارن ۾، زال جي مري وڃڻ جي حالت ۾ ان جي مڙس کي ۽ مڙس جي حالت ۾ ان جي ٻيو زال کي ماتم واري عرصي تائين اڪيلائيءَ ۾ رکيو ويندو آهي، ۽ کين پنهنجن هٿن سان مٿي يا جسم جي ٻئي ڪنهن به حصي کي ڇهڻ کان سخت منع ٿيل هوندي آهي، هو جيڪي رڌڻ ۽ پچائڻ جا برتن استعمال ڪندا آهن، سي ٻيو ڪو به ڪم نہ آڻيءَ سگهندو آهي. انهن کي ڪنهن نديءَ يا نالي جي ڪناري تي هڪ ڇڙ طرف بند جهوپڙي اڏي، ان ۾ سڄي رات ويهي، پگهر ۾ شرابور ٿيڻو پوندو آهي، جنهن کان پوءِ صبح جو سوير اڃي نديءَ جي پاڻيءَ ۾ غسل ڪرڻو پوندو آهن، ۽ سڄي بدن کي جهنگ جي ڪنهن ٻوٽي جي ساون پنن سان مهٽڻو هوندو آهن. اهي پن فقط هڪ دفعو استعمال ڪرڻ جي اجازت هوندي آهن، جنهن کان پوءِ انهن کي جهوپڙيءَ جي باهرين ديوار جي لڳو لڳ دفن ڪرڻو هوندو آهن. ڪو به شڪاري ان جهوپڙيءَ جي ويجهو ڪونہ ويندو آهي، چو تہ ان کي منحوس سمجهيو ويندو آهي. اهڙن ماڻهن جو جيڪڏهن پاڇو به ڪنهن تي پئجي ويندو آهي، تہ هو بيمار ٿي پوندو آهي. مري ويل ماڻهوءَ جي روح کي دور رکڻ لاءِ اهڙا ماڻهو خاردار ٻوٽن مان نہ فقط پنهنجا بسترا ٻاڻيندا آهن، پر انهن بسترن جي چوگرد به اهڙا ٻوٽا حلقي جي صورت ۾ رکي ڇڏيندا آهن. هن پوئين تدبير مان صاف ظاهر ٿي ٿو تہ آخر اهو ڪهڙو روحاني خطرو آهي، جنهن کان ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن ۾ عزيزن کي بچائڻ مقصود هوندو آهي، ۽ جنهنڪري اهڙن ماڻهن کي معاشري جي ٻين فردن کان جدا ڪري رکيو آهي. اهو زڪو مري ويل ماڻهوءَ جي روح جي ڀپ ڪري ڪيو ويندو آهي، جيڪو سمجهيو ويندو آهي ته چوگرد ڦرندو گهرندو ٿو رهي. برٽش نيو گائنا جي سيڪيٽو ضلعي ۾، رنڊ ماڻهوءَ کي ڪجهه عرصو پنهنجن سڀني معاشرتي حقن کان هٿ ڌوئڻو پوندو آهي، جو ته هن کي ڀپ ۽ نفرت سان ڏٺو ويندو آهي ۽ ڪائنس سڀ نفرت ڪندا آهن. هن کي باغ ۾ وڃي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي، نه وري هو ٻاهر بازار ۾ نڪري سگهندو آهي، نه ڪوٺ وارن کي منهن ڏيکاري سگهندو آهي ۽ نه ڪوٺ جي رستن ۽ پيچرن تان لنگهي سگهندو آهي. هڪ خونخوار درندي وانگر هن کي ڏکي ڪاه ۽ جهنگلي ٻوٽن جي وچ ۾ لکي گذارڻو پوندو آهي، جيڪڏهن هو ڪنهن به ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسندو آهي، خاص طرح سان ڪنهن عورت کي، ته ٻوءَ هو ڪنهن وڻ يا ٻوٽي جي پٺيان لڪي وڃندو آهي. جيڪڏهن ڪيس مچيءَ مارڻ يا شڪار ڪرڻ جو شوق ڏيندو آهي، ته ٻوءَ هن کي رات جي ٻوٽين هيٺ ۽ ڇا بلڪل اوندهه ۾ اهو ڪم ڪرڻو پوندو آهي، جيڪڏهن کيس سان صلاح مشورو ڪرڻو هوندو اٿس، ته به اهو رات جي اونده ۾ ڪري سگهندو آهي، حتيڪ پادريءَ سان به لکي ڳالهائي نٿ سگهندو آهي. اڻين معلوم ڏيندو آهي ته هن جو آواز ويڃجي ويو آهي، جو ته هو بلڪل سُس پُس ڪري ۽ گهڪي آواز سان ڳالهائيندو آهي، جيڪڏهن مهاڻن ۽ شڪارين جي ڪنهن ٻئي گروه سان وڃي شامل ڏيندو، ته انهن سڀني تي بدبختي ۽ نحوست طاري ڏيندي. سندس مري ويل زال جو پوت مڇين ۽ شڪار جي جانورن کي ڏيچاري ڇڏيندو، هو هر وقت، جتي به ويندو آهي، اتي پاڻ سان گڏ کهاڙو کڻي ويندو آهي، اهو کهاڙو نه فقط جهنگلي جانورن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ کڻندو آهي، پر ان سان پنهنجيءَ زال جي پوت کان به پنهنجي حفاظت ڪرڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي آهي، چو ته جيڪڏهن اهو پوت ڪٽي ۽ ڪهڙيءَ به حالت ۾ ملندس، تہ ڪيس نقصان پهچائڻ کان ڪونہ گسندو، انهن ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي ته سيني مٿل ماڻهن جا روح بد هوندا آهن ۽ کين خوشي فقط پين کي ضرر ۽ تڪليف پهچائڻ ۾ ئي حاصل ٿيندي آهي.

۳۔ **حيض ۽ ويم وارين زالن تي بندش:** ٿورن لفظن ۾ کڻي اٽين چئجي ته ڪن ماڻهن جي برتنن، ڪپڙن ۽ پين شين جي استعمال ڪرڻ جي ممانعت جا سبب، ۽ ان جي خلاف ورزيءَ سبب جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي بنهي حالتن ۾ هڪجهڙا ئي آهن ــ خواه انهن شين جا مالڪ مقدس ۽ پاڪ سمجهيا ويندا هجن يا غليظ ۽ ناپاڪ. جهڙيءَ طرح هڪ مقدس سردار جي ڪپڙن کي چهندڻ ماڻهو انهيءَ ڏوه جي پاداش ۾ موت جو منهن ڏسي ٿو، ساڳئي نموني سان هڪ حيض واريءَ عورت جي ڪپڙن کي چهندڻ به اهو ئي نتيجو ڏسي ٿو. هڪڙي آسٽريلياءِ قبائليءَ کي جڏهن اها خبر پيئي ته سندس زال ماهواريءَ جي وقت ۾ سندس ڪٽي تي اچي ويئي هئي، تڏهن هن کي اهڙو ته ڊپ لاحق ٿيو، جو هن هڪدم زال کي ته قتل ڪري ڇڏيو، پر پاڻ به پندرهن ڏينهن کان پوءِ دل هول کان مري ويو. آسٽريلياءِ قبائلي عورتن کي، ان ڪري، ڪنهن به مرد جي چيز کي اهڙي ايام ۾ هٿ لائڻ، يا ان رستي تان لنگهڻ جي سخت منع هوندي آهي جنهن تان مَردن جي زياده آمد و رفت هوندي آهي. خلاف ورزي ڪندڙ عورت کي قتل ڪيو ويندو آهي. ويم جي وقت انهن کي تنهائيءَ ۾ رکيو ويندو آهي، ۽ انهيءَ وچ ۾ هو جيڪي برتن استعمال ڪنديون آهن، تن کي خبرداريءَ سان ٽوڙيو ويندو آهي. يوگنڈا جون عورتون ويم ۾ ماهواريءَ جي ايام ۾ جن برتنن کي هٿ لائينديون آهن، تن سيني کي ناس ڪندا آهن، ۽ جن پالن يا ترارين کي هٿ لائي وجهنديون آهن، تن کي فقط (مناسب منترن جنترن وسيلي) پاڪ ڪيندا آهن. "آمريڪا جي ڊيني ۽ پين سيني قبيلن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻي ڪنهن ۽ انسان کان ايترو ويجهو ڪير ويندو آهي جيترو
هڪ حيض واري عورت کان جڏهن ۽ ڪنهن ٻوجهان ٻوجهري
۽ انهي حالت ۾ هلائون ظاهر ٿيو شڪوڪ ڪيئن ٿا ڪن
تڏهن هڪدم هن کي هڪ جدا جهوپڙي ۽ ڪمانيون ويندو آهي
جتي هن کي گهڙي جي سائين کي قبيلي واري جان ڪو بهانو ڏسي
سگهي ۽ ڪنهن ٻي اکين تي نظر پوي سگهي ٿو جيستائين هو
انهي حالت ۾ هوندي آهي تيستائين هن کي ڪنهن به ڪم
جي جوڙ ڪي ٿو لائق ڪان منع هوندي آهي شڪار جي ڪوشش
جي اوڙ ڪي ۽ هو هٿ ڪرڻ لائي سگهندي آهي نه ڪستان
شڪار جا جانور انهن ۾ ڪنهن جي ٿو ڪهڙائي سڪون ڪن
شڪارين کي ٻي دفعي ناڪامي ٿي جو منهن ڏيڻو پوي انهي
عرصي ۾ هو قطرڪل جي ڪائي سگهندي آهي ڪائي ٿيڻ
لاءِ هن کي هڪ ڪرشي استعمال ڪرڻي هوندي آهي ازانسواءِ
جيڪڏهن ڪنهن جي نظر پون سان نه ماڻهو بخطري پوندا آهن
ڪو ان ڪري مهرڻي جو ڦهيل هڪ زلزلو پوڻ وقت جي ٻڌي
وڏو لوندو آهي جنهن جا هيٺيان ڪنارا سڌو سڌي تائين لڙڪندا
رهندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو هن جي شڪل ڏسي سگهي ته اهو
لوڻ هن کي انهي ۽ پرهيزواري ۽ حالت کان ڀلو ڪو ڪان هوندو
برڪت هن ڪي ڏينهن تائين پائڻو پوندو آهي". ڪوسٽاريڪا جي ٻري
برڻي ڏهاڙن تائين ڪنهن قبيلي واري ۽ حيض واري عورت کي ڀلڊ
غليظ سمجهندا آهن ڪان ڪري انهي ۽ عرصي ۾ هوءَ ڪيوڙي جي
ٻڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن به ٻوٽي ۽ ڪاڏو نه ڪائي سگهندي آهي
۽ جڏهن انهي ۽ حالت کان ٻاهر نڪندي آهي تڏهن اهي هن
ڪنهن اوجهڙ ۽ اچلائڻا يا دفن ڪرڻا پوندا آهن جيڪڏهن
ڪا ڪٽون يا ٻيو ڪو جانور انهن کي کائي وڃڻ تان اهو ٻيهر
ٻي ڪمزور ۽ لاغر ٿي ويندو ۽ ٻاڻي ۽ ساڪين ٻي سين ڪري
هوءَ خاص ڪري جدا ٻوٽن ۽ ٻوٽي آهي جيڪڏهن هن
جي استعمال ڪرڻ کان هڪدم هوءَ انهي ٻوٽن ٻان ٻيو ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائي ويندو تہ اهو ڏاڍي ويندو،

ڪيترين قومن ۾ ويهر وقت عورتن تي انهن ڳي سبب ڪري ساڳيون پابنديون عائد ڪيون ويندیون آهن، اهڙي وقت عورتن کي سخت خطرناڪ حالت ۾ مبتلا سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري هو ڪنهن کي به جيڪڏهن هٿ لائيندیون تہ ان کي ڇهڻجي نجاست سان متاثر ڪري ڇڏيندیون، ان ڪري انهن کي تيستائين تنهائيءَ ۾ رکيو ويندو آهي، جيستائين هو تندرست ۽ توانيون ٿي، تڏ ڪري اٹندیون آهن ـ جنهن کان پوءِ هو ضرورناڪيءَ جي حد کان باهر سمجهيون ويندیون آهن، ٽاهڻيءَ ۾ وري ويهر ڪرڻ وقت عورتن کي ٻن يا ٽن هفتن تائين هڪ جدا جهوپڙيءَ ۾ رهايو ويندو آهي، جا "مقدس ميدان" ۾ ڏاڍي ويندي آهي، انهيءَ دوران ۾ هوءَ ڪنهن به ڪاڏي جي شيءَ کي هٿ ڪونہ لڳائي سگهندي آهي، ۽ ڪيس ڪاراٹيندیون ۽ ٻيون عورتون آهن، انهيءَ وچ ۾ ويهر جي پرهيز مان نڪرڻ کان اڳ، جيڪڏهن کو ٻيو ماڻهو سندس پار کي هٿ لائي وجهندو آهي، تہ پوءِ ان کي به انهن ساڳين پابندين جي ماتحت رهڻو پوندو آهي، جن ۾ هوءَ پاڻ رهندي آهي، ۽ ان ماڻهوءَ تي به ڏاڍي بندشون تيستائين هلنديون آهن جيستائين آها عورت پاڪ ٿي ۽ غسل ڪري نه ٿي ـ الاسڪا جي ٻرياني هڪ ٻيٽ آهي، جنهن کي "ڪاڊياڪ" چوندا آهن، اتان جي ڪنهن به عورت کي جڏهن ويهر ڪرڻ جا لهجاڻ نظر ايندا آهن، تڏهن ان کي ڳوٺ کان بلڪل باهر هڪ زير زمين جاءِ ۾ وڃي رهڻو پوندو آهي، جتي ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ويهن ڏينهن تائين گذارڻو هوندو آهي، انهيءَ عرصي ۾ هن کي اهڙو تہ غليظ ۽ ناپاڪ سمجهيو ويندو آهي، جو هن ڏانهن ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ويندو آهي ۽ نہ وري کو هن جي ڪنهن ڪم ۾ ڪا مدد ڪندو آهي، ڪاڏو به ڏکين ڪائين سان ڏکي انهيءَ جاءِ ۾ اندر ڪيو ويندو آهي، جو هوءَ ڪٽي وڌندي آهي، "بري بري" قبيلي وارا ڳاڙها هندستاني ويهر جي ناپاڪائيءَ کي حيض جي ناپاڪيءَ کان هزارها درجا زياده خراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهندا آهن. جڏهن ڪا عورت پائيندي آهي ته سندس ويم جو وقت قريب اچي ويو آهي، تڏهن هوءَ پنهنجي مڙس کي انهيءَ حقيقت کان آگاه ڪندي آهي، جو هڪدم ڏڙ ٽڪڙ ڪري هن لاءِ ڪنهن ٻئي گوشي ۽ جهوپڙي ڏانهندو آهي، اتي هوءَ پاڪل اڪيلي رهندي آهي ۽ پوءِ پنهنجي ماڻهن يا ڪنهن ٻيءَ عورت کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به گالهائي ڪانه سگهندي آهي. ويم کان پوءِ قبيلي جو ويجهو هن وٽ وڃي مڙس دم ڪري ڪيس پاڪ ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ هن جي مٿان ڪو ڏيئڙو جانور رکيو ويندو آهي - ان لاءِ البت ضروري نه آهي ته ڪو خاص جانور هجي. انهيءَ رسم جي ادائگيءَ کان پوءِ رهن کي فقط حيض واريءَ عورت جهڙو سمجهيو ويندو آهي. ان کان پوءِ هن اڪي چند جو سڄو مهينو اتي الڳ ٽلڳ رهڻو پوندو آهي. ۽ ان عرصي ۽ هن کي انهن قانونن سڀي پوئواري ڪرڻي پوندي آهي، جن جي هوءَ ماهواريءَ واري عرصي ۽ ڪندي آهي. اڃا به وڏيڪ خراب ۽ خطرناڪ حالت ۾ زياده پليدي ۽ ناپاڪائي ان حالت ۽ سمجهي ويندي آهي، جڏهن ڪنهن عورت کي پار جي ڇڪي ايندي آهي، يا ڪنهن سخت پار ڇڏندو آهي. انهيءَ حالت ۽ هن کي ڪنهن به جاندار چيز جي ڏسڻ ڇهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. هن جي استعمال ٿيل چيزن کي ڇهڻ ۽ اٿڻ ۾ خطري جو باعث سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ عورت کي ڪاڏو هڪ ڏڪي لڪڙي تي رکي پري ڪاڻ پهچايو ويندو آهي. اها حالت هن سان ڏن هفتن تائين هلندي آهي، جنهن کان پوءِ اها پنهنجي گهر ويندي آهي، جتي ڪيس فقط انهن قاعدن جي تعميل ڪرڻي پوندي آهي، جي هڪ رواجي ويم واريءَ عورت کي پورا ڪرڻا پوندا آهن.

بانڊو قبيلي جا ڪي وحشي اهڙيءَ عورت جي "وڃڙندڙ زهر" کي اڃا به زياده سهاڪ تصور ڪندا آهن، جيڪا پار ڪيرائي وڃهندي آهي ۽ انهيءَ ڪالهه کي بيڻ کان پوءِ، رکندي آهي. فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جنهن ماڻهن سان گهٽي عرصي تائين گڏ گذاريو هو، جو ڪي ٿو ڏکي آهي ڪا جي جبلين جا چند قبيلا) "وير واري" عورت جي رواجي حيض واري عورت جي مقابلي ۾ زياده ناپاڪ ۽ اگرو سمجهندا آهن. وير واري عورت جي مڙس کي ان ڏينهن تائين پنهنجي ڳالهه ڪان دور رهڻو پوندو آهي. آتر مان جهوڙي ۽ اندو ان سان گڏ رهندي، سندن ڳالهه جي رت جو زهر ان کي وڙي ڏيندي. پنهنجي نئين جاوله ۽ ڪي هو ڪن مهينن تائين کٽي ۽ ڪونه سگهندو آهي. پر وير جو آهي رت خاص طرح زياده خطرناڪ هوندو آهي. جو هار ڪرڻ جي خالت ۾ آيل هجڻ ۽ هار جي ڪري پوڻ جي ڪالهه ڪائي ويندي هجي. اهڙي حالت ۾ ڪنهن ماڻهو ان مرد کي ان جي خطرناڪ ۽ هلڪي ڪائي ڪان ڪٽڻ ۾ پوءِ ڪنهن جي اندر پشو هوندو آهي. ان جي هلڪي ڪائي ڪان ڪٽڻ ۾ راڄ ڪيل ڪيل ۽ شامت نازل ٿيندي آهي. خيالات جي اهڙي عجيب ۽ غريب طاقت ۾ ڪا همي ڪائي انداز ۽ جي ڪري آ سڌجهو ٿيندو آهي. تم هڪ ڪاڻ ڪي سهيڙ سڄي قدرتي نظام ۾ ڪڙ ڪي ويندي." اهڙي ڪري جو هڪ ڏاڍو سوڻي هلڪ تي خطرناڪ ۽ تباهه ڪن ڪائي ٿو. آنهن جي هڪ مثال ۾ ڪرڻ لاءِ اسين ٻا ٻيدي قبيلي واري جي هڪ وچ ڪا الفاظ ۾ هت ڏهرايون ٿا. "ڏهن ڪنهن عورت ڏهنجون رت وهندو هوندو آهي. هن ڪي لڳيو هوندو آئين. ڏهن سندس هو ڪم ريڪسان جي خشڪ ڪرڻ هوائين ڪي متوجه ڪرڻ ۽ ڏهن ڪي ڪائي ٿوٽ ڪري. جڏن لاءِ ڪافي هوندو آهي. اهڙي ڪيڙ ڪرڻ ڪان پوءِ برسات پوڻ تائين ڪل بند ڪائي ويندي آهي. جو ڪي ملڪ ۾ بدنظمي پيدا ڪائي ويندي آهي. جڏهن ۽ ماڻهو سان پريل ڪري اهڙي جاءِ وڻ پهچندا آهن، جتي هو ارت هار ڪل هوندو آهي. انهن ڪي اتي وسڻ جي هٿ ڪائي ڪائي ويندي آهي. ان ڪري ڪيڙ ڪائي اهڙي جاءِ جي وڃڻ ۾ ڪوبه اعتبار آهن. اهڙي عورت واقعي هلڪ ڪائي ڪائي هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي اهڙي ڳالهه هوندي آهي، جيڪو اڃا پوري طرح نه
ڄاڻيو هوندو آهي ۽ ان جاڻ کي ڏسڻ ڪونه نهي سگهيو هوندو آهي.
اهڙو ڳالهه ڪرڻ حرام آهي. ان کي رستي تي نه هارڻ گهرجي.
سردار پوءِ مائهن کي گهرائي انهن کان دريافت ڪندو آهي ته
"اوهين پنهنجن ڪمن ۾ لڳ ڀڳ آهيو؟" انهن مان ڪو چوندو
ته "فلاڻي عورت حامله هئي، اسان هن وقت تائين هن کي ٻار
ڄمندو ڪونه ڏٺو آهي. ان کان پوءِ هو ان عورت کي ڪڙي
ايندا آهن ۽ ان کان پوءِ هو ان عورت کي ڪيترا ڏينهن ٻار
کي ڪايو آهي؟" ان عورت جي ڏس ڏيڻي ۽ هو اهڙي جاءِ
تي ڪوٺيندا آهن. انهيءَ ڪنڊ جي ويتان هڪ اهڙي دوا
جڙي ڪائيندا آهن جا هن جهنگلي ٻوٽن کي هڪ خاص ديگڙي ۾
رکي اڌ ڪاڙهي ڏيندا آهن. انهيءَ وچ ۾ ان ڏوري ۾ ڪيترو هو
ان کي ڏيڻ واري درياه جي اڇلائيندا آهن. ڏوري درياه ۾ وهي ويندي
ڏاڍي انهيءَ جاءِ تي جڙي ڪائيندا آهن. جتي انهي عورت ان جاءِ تي
ڄڻڻ هاربو هوندو آهي. عورت کي ڏڪر ڪيل دوا سان
روزانه غسل ڪرڻ پوندو آهي. جنهن ڪان پوءِ هو ٻار ڄڻندي
آهي. ۽ مائهن جا ڪٽنب ويندا آهن. ۽ انسواءِ انهن (ويچ) ٻاڪ
جي عورتن کي گهرائيندا آهيون ۽ اسين انهن کي ٻڌي جي ڳولي
آڻڻ لاءِ چوندا آهيون ۽ جنهن جي وچ ۾ زايل ٻار ڄمي ويو هوءِ
هڪڙي ڏينهن صبح جو اهي اسان وٽ اهڙو ڳولو ڪري ايندي آهن.
جنهن ڏينهن اسان اهڙي قسم جي دوا ناهن ڏيندا آهيون
جنهڪا سڄي زمين تي ڇڻي ويندي آهي ته پوءِ اسان انهيءَ
ڳولي کي پوري ٻڌي ڪري ڇڏيندا آهيون. جنهن کان پوءِ ٻاڪ
جي چوڪرن ۽ اهڙن چوڪرين کي گهرائيندا آهيون جن کي
اڃا ٻارائين وڏن عورتن جي معاملن جو ڪا خبر ڪانه هوندي
آهي. ۽ جن اڃا تائين ڪنهن مرد سان جنسي تعلق ڪونه رکيو
هوندو آهي. اسين انهيءَ دوا کي ڏڪر جي سڳن ۾ رکي
آهي انهن ٻارن کي ڏيندا آهيون ۽ جنهن ڏينهن انڊين ٻار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽ جي سيني رستن، لنگهن ۽ چؤواڻن ڏانهن ويندا آهن. اهڙي هرهڪ هنڌ تي بيهي، هڪڙي چوڪري ٻنهنجي ڪوڏر سان زمين کوٽي ٿورو سوراخ ڪيندي آهي ۽ پي چوڪري انهي دلا ۾ ون جي ٽاري ٻوڙي سوراخ جي اندرئين پاسي کان ڏوا ڏيندي آهي. ان وقت سيني چوڪريون هڪ آواز ٿي چوندڙيون آهن: "سينهن! سينهن!" اهڙي نموني سان اسين انهي بدبختي کي دور ڪندا آهيون. سينهن کي عورت جي غلطي سان ٿي نازل ڪيو هوندو آهي. ان کان پوءِ سينهن سان وٽ ويڙي ايندو آهي ۽ ملڪ ڀاڪ ٿي ويندو آهي."

اهڙي جنگي جوڌن ٿي ڏندش: وحشي جي خيال مطابق جنگي جوڌا هميشه روحاني خطري جي ماحول ۾ گهيريل رهن ٿا. جنهن جي ڪري انهن کي اهڙيون وهمي رسمون ادا ڪرڻيون پوندڙيون آهن. جي انهن معقول اپائن کان بلڪل مختلف نوعيت جون هونديون آهن. جيڪي هو پنهنجي ڏاڍ واڌل دشمنن کان مقابلي ۾ پوڻ لاءِ اختيار ڪن ٿا. انهن رسمن جي ادائگي جو مطلب رڳو اهو هوندو آهي ته جنگي جوڌي کي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان کان بعد انهي ساڻي پرهيز واري ماحول ۾ رکڻو ويندو. جنهن هڪ وحشي انسان پنهنجي شخصي بچاءَ ۽ حفاظت خاطر ديوتا انسانن ۽ خطرناڪ ڏوهارين کي رکندو آهي. ان ڪري جڏهن مائوري قبيلي وارا لڙائيءَ تي وڃڻ جو عزم ڪندا آهن، تڏهن هو ڪنهن ۽ عورت ۽ پنهل جي قابل نه هوندا آهن ۽ انهن لاءِ سندن عزيز ۽ دوست عجيب و غريب نمونن جون جدا رسمون ادا ڪندا آهن. جيڪي هنن جي روزمره جي پرهيزي رسمن کان علاوه هوندڙيون آهن. ٻوڙڻي ماڻهن جي گستاخ ٻولي ۽ ۽ ان وقت "هڪ انڇ جي ٿولهه تائين" علامت ۽ نجاست ڀوڳهي ويندي آهي. اڄڪي لشڪر جي سڀ سالار سان ڪو ملي يا ڪيس ڏسي ڪين رهڪندڙ آهي. ساڻي زندگي جڏهن پراڻي زمانن ۾ اسرائيلي لشڪر ڪنهن جنگ لاءِ پڌقدمي ڪندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن هنن تي رسمي پاڪائيءَ جا اهڙا ئي قانون عائد هوندا هئا جهڙا ماڻوري ۽ بيا آسٽريليائي سياه-فام ماڻهو جنگ تي ويندي، يا وڙهندي، پاڻ تي عائد ڪندا هئا. هو جيڪي برتن استعمال ڪندا هئا، سي مقدس سمجهيا ويندا هئا، ۽ هنن کي نفساني خواهش کان پرهيز ڪرڻي پوندي هئي. هنن کي پنهنجي بدني طهارت لاءِ به ڪن خاص طريقن تي عمل ڪرڻو پوندو هو. جن جو اصل سبب، وحشين جي ساڪٽي قسم جي طريقن کي خيال ۾ رکندي، چئي سگهجي ٿو ته، هيءَ هو ته کين اهو ڊپ هوندو هو ته متان سندن جسمن مان خارج ٿيل غلاظت دشمن جي هٿ چڙهي وڃي ۽ هو ان تي ڪو جادوءَ جو عمل ڪري. سندن ڏنا جو سامان تيار ڪري ڇڏين. اتر آمريڪا جي وحشي ڪاڙهن هندستانين جي قبيلن ۾، هڪ نوجوان ۽ الهڙ جنگي جوڌي کي، پنهنجي پهرينءَ جنگبازيءَ جي دوران ۾ کي اهڙيون رسمون ادا ڪرڻيون پونديون هيون. جن مان به ته اهي ساڪيون هونديون هيون. جيڪي سندن نوجوان ڇوڪرين کي ادا ڪرڻيون پونديون هيون. جن کي پهريون دفعو حيض ايندو هو: يعني هڪ ته جن برتنن ۾ هو کائيندو ۽ پيئندو هو، تن کي ڪوبه بيو ماڻهو هٿ لائي نه سگهندو هو ۽ بيو ته هن کي پنهنجي مٽي يا جسم جي ٻي ڪنهن به حصي کي پنهنجن آڱرين سان ڪنهن جي اجازت ڪانه هوندي هئي، جيڪڏهن هن کي هروپرو زوردار خارش ٿيندي هئي، ته پوءِ هو انهيءَ عضوي کي کائيءَ سان ڪنهندو هو. انهن سان پويون قانون اهڙوئي آهي، جنهن جي مطابق ڪنهن پرهيز ۽ ويٺل شخص کي هٿن سان کائڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. انهيءَ ملڪ جا جوڌا جڏهن جنگ تي ويندا هئا، تڏهن رستي ۾ سمهڻ وقت پنهنجو منهن پنهنجن گهرن ڏانهن ڦيرائي رکندا هئا. ۽ ائين ڪرڻ سان کين ڪيتري به تڪليف ٿيندي هئي، ته به هو انهيءَ طرح سان ئي سمهندا هئا. هو ڪنهن به اهڙي زمين جي ٽڪري تي نه ويهندا هئا، جو گاهه کان خالي هوندو هو. رستي ۾ پنهنجن پيرن کي آلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونڌ تان پيچري لهڻ، اڳ جي ڪري، ڪوشش ڪئي ويندي هئي. ڪندا هئا
تان رشتي ليڪ پيچرن لهڻ، ڏاهرن کي ڏهن وڏن، ڪندا هئا ملندا
لنگهيو، ڪيئي هو ٿو وڃي، ڪونه ڪچارو ڪو پنو، سچهندڙ مولهن ڪنڌن
مون لاءِ هو اڳ انهن ڪلندا هئا، ڪوڙو ڪري ساڻ ڪنهن الو تيد ڪنهن جي
ظاهر ٿيڻ جي امڪان رهندو هو، ان کي روڪڻ لاءِ هو پنهنجن
ٻارن کي ڪي خاص دوائون ڏيندا هئا، يا ڪي تعويذ تولا ٻڌندا
هئا. جيڪي لوهه جون شيون موقعن تي استعمال ڪرڻ لاءِ ضرور بساڻ
ڪٽي ايندا هئا. ٻولي جي ڪنهن به ماڻهو کي پنهنجي ڪنهن
سٽل يا ويٺل همراه جي هٿ ۾ بانهن يا پير، رنگ ٻڌي مقالا
پيدا ڪرڻ جي سخت منع هوندي هئي. ٻيا ڪي طرح ڪنهن جي
بندوق، ڪهاڙي، ڪُتي يا ٻي ڪهوڙي به جيڪو جي مٿان پار
ڏيڻ جي اوڙي ٿي سخت منع هوندي هئي. جيڪڏهن ڀل
يا غفلت ڪان اهڙي قانون جي ڪوبه خلاف ورزي ڪندو هو
ته اهو ٻئي ماڻهو تي ٻن ڄڻن جي مٿان پير اچي ويندو هو،
اهو فرض ٿيندو هو، ته فوراً انهيءَ قانون جي ڀڃڻ کي ختم
ڪري هٿين ميڪانزم ڪيئي وقت پير ڏيندڙ کي
سخت ڪڪر هوندو هو، ته هو ان وقت ڪوبه مقابلو نه ڪري
پر جنهن جي ڪرڻ سان ڪري ٻڌي هوءَ جن بدن منجهان
اهي ڇوڙ ڪائيندا هئا، جيئن کهٽو ڪري ڀالي، ڀالا، ڇوڏي ۾ ڀالا
ڀالا هوندا هئا، جن جي پٺي آڪهڙ ساڻو ۾ هن ٽي مختلف نشان
اُڪريل هوندا هئا، ته ڪجهن ماڻهن [illegible] ڇاجي
چوڻ ته اهي هندستاني جڏهن ڪوٽ ڪا جنگ جي ميدان ڏانهن
ويندا هئا، جڏهن انهن ڀالن جو ڪوٽ [illegible] استعمال ڪندا هئا
جڏهن [illegible] استعمال
ڪندا [illegible] جڏهن گهرن کان ٻاهر [illegible] مقاصد تي
هوندا هئا، جڏهن پنهنجا ڀالا [illegible] تي لٽڪائي ڇڏيندا
هئا، [illegible] انهن کي ڏکڻ کهڙائي [illegible] ڪندا هئا ته [illegible]
انهن جو روحاني جوهر [illegible] ٻاهن [illegible] هلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندن دوستن يا عزيزن کي کي خراب ۽ نقصانڪار نتيجا ٿي سڏجن ٿا. اهڙيون ساڳيون ئي رسمون ۽ اعتقاد مٿي اسان ميڪاڏو جي ڏاڻون ۽ ڪپڙن، حيض ۽ ويم وارين عورتن، جنازن کي چهندڙ ماڻهن ۽ اهڙن بين جي ڪپڙن ۽ برتنن کي ماڙڻ ۽ ٽوڙڻ يا ڪنهن پاسي اڇلائي ڇڏڻ جي متعلق ڏسي آيا آهيون. اڄ هي قبيلي جو هڪ ڳاڙهو هندستاني، جڏهن پهريان ڀار دفعا لڙائي ۾ تي ويندو آهي، تڏهن هو پنهنجي مٽي کي پنهنجن هٿن سان نه ڪنهن ۽ جهن سان پاڻي کي نه ڇهن لاءِ بدل هوندو آهي. جهنگڙي هو مٽي کي ڪنهن ڪاليءَ سان ڪنهندو آهي ۽ پاڻي ڪنهن پوري ڪاني جي ذريعي پيئندو آهي. اهڙي ڪالي ۽ ڪانو جنگي جوان جي ڪمريءَ سان ڇڙي جي ڏاڪي ۽ بدل هوندا آهي ۽ اهي بيٽي شيون انهيءَ ئي ڇڙي جي ڏاڪي سان خود پاڻ ۾ ڳنڍيل رهنديون آهن. لڙائيءَ جي ميدان ڏانهن ويندي ۽ ان جي ختم ٿيڻ تائين، اوجيوي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني ۾ ساڳي نموني سان پنهنجو مٿو هٿ جي بدران، ڪاليءَ سان ڪنهندا هئا. ڪريڪ قبيلي وارن ڳاڙهن هندستانين ۽ انهن جي رشتيدار هم قوم وارن لاءِ جيڪو ڪجهه ٿو ته اهي جيسٽائين لڙائيءَ جي حالت ۾ هوندا هئا. "تيسٽائين ڪنهن به عورت سان جنسي تعلق يا واهپو ڪونه ڪندا هئا. انهيءَ رسم کي هو مذهبي اعتقاد وانگر خود پنهنجي زالن جي حالت ۾ پاڻ تي لازم سمجهندا هئا. جنگ تي وڃڻ واري ڏينهن کان ئي راتيون اڪيلا ۽ موڪل کان ئي راتيون پوءِ هو پنهنجي زالن سان ڪوبه ڳالهائيندا هئا ۽ ساڻن ڪوبه سمهندا هئا". ڏکڻ آفريڪا جي "باسيدي ۽ باتونگا" قبيلن وارن ۾ فقط جنگي جوڌن کي خود انهيءَ ڳالهه کان پرهيز ڪرڻي پوندي هئي، پر انهن جي رواني ٿيڻ کان پوءِ انهن جي عزيزن ۽ دوستن کي پنهنجن گهرن ۾ به اهڙيءَ ئي پاڪائيءَ سان رهڻو پوندو هو. هو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن هو جنگي جوانن جي روانگيءَ کان پوءِ پنهنجين زالن سان سمهندا، ته سندن دوستن ۽ عزيزن جي راه ۾ ڪنڊا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپرندا ويندا ۽ انهن کي هرگز ڪاميابي نصيب ڪانه ٿيندي. ۽
ڇي ته سگهجي ته وحشين لڙائيءَ جي دوران ۾ عورتن کان
پرهيز ڪرڻ جو قانون ڇو ٺاهيو هو. ۽ اسان اڄوڪي ڏينهن ڏٺا
سگهون ٿا. اهو قانون فقط هڪ وهمي ڊپ کان عمل ۾ آندو ويو
هو. جنهن جو بنياد هر آهنگ جادوءَ تي رکيل هو ته مٽان عورتن
سان لهه وڇڙ ۾ اچڻ ڪري انهن ۾ عورتن جون خصلتون، خاص
ڪري ڊپ ۽ ڪمزوري، پيدا ٿي وڃن. اهڙيءَ طرح ڪي وحشي
سمجهندا آهن ته پاريتيءَ عورت سان تعلق رکڻ ڪري، مرد بي طاقت
ٿي پوي ٿو. ۽ سندس جنگي هٿيار ڪمزور ۽ مڏا ٿي وڃن ٿا.
پورنيو ٻيٽ جا 'ڪايان' قبيلي وارا ته درحقيقت ايتوڀدر سمجهندا
آهن ته آڳاڻي ڪي يا عورت جي ڪنهن ڪپڙي کي ڇهڻ يا هٽ لائڻ
سان مرد اهڙو ته ڪمزور ٿي پوندو، جو هن کي شڪار ڪرڻ ۾، ڇي
ماڻڻ ۾ ۽ جنگ ۾ ڪاميابي نصيب نه ٿيندي. ان ڪري ڪن وقتن
تي وحشي جنگ جي زماني ۾ نه فقط جنسي تعلق کان پرهيز ڪندو
آهي. پر هو جنسيت جي هر جذبي ۽ خيال کان به نهايت خبرداريءَ ۽
سان پرهيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. آسام جي ڪابلو
قومن کي لڙائيءَ جي دوران ۾، ۽ ان کان پوءِ، نه فقط عورتن سان
سنهڙ کان سخت منع ٿيل آهي، پر هو انهيءَ عرصي ۾ عورتن
جي هٿن جو رڌل يا پڪل کاڌو به ڪونه کائيندا آهن. هو ٻهڪڙن ۽
حقيقي زالن سان ٻن رڳو هڪ لفظ به ڪونه ڳالهائي سگهندا آهن.
جون ٻا ته هڪ دفعي ڪنهن عورت ٻنهنجي مرد سان اهڙي وقت
تي ڪجهه ڳالهايو، جڏهن هن تي جنگ جي ڪري انهيءَ ڪر
کان پابندي عائد ٿيل هئي، بعد ۾ جڏهن ان عورت کي اهو
معلوم ٿيو ته هن ڪهڙي قانون جي خلاف ورزي ڪئي آهي،
تڏهن هوءَ ڊپ ۽ ندامت کان بيمار ٿي پئي ۽ ٻورن ڏينهن کان
پوءِ جڏهن اڃا جنگ بند به ڪانه ٿي هئي، ويچاري مري ويئي.

۽ قانون ٿي بندش: جيڪڏهن پڙهندڙ کي اڃا به ڪنهن
ڳالهه جو شڪ آهي ته اهي قانون، جن تي اسان مٿي غور ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيا آهيون، الائي موهوم خوف جي بنياد تي بڏل آهن يا ڪنهن ٻي
عقلمنديءَ جي بنياد تي، تہ هن جا اهي شڪ هڪدم دور ٿي
ويندا، جڏهن هن کي معلوم ٿيندو تہ اهڙا ۽ ڪن حالتن ۾ انهي
کان به زياده سخت قانون جنگي جوانن مٿان عائد ٿيل آهن، جي
هن کي ويندي تيستائين مڃڻا پوندا تہ، جڏهن ظاهري دشمن جو
ڪيڏن ڪو ڊپ باقي ڪونہ هوندو آهي ۽ ڪين دشمن جي مٿان
مڪمل فتح حاصل ٿي ويل هوندي آهي. اهڙين حالتن ۾ فتحياب
ٿيل جوڌن تي اهڙين پابندين ۽ سختين جي عائد ڪرڻ جو هڪ
مقصد فقط مقتولن جي ارواحن جي غصي جو ڊپ ۽ خوف هوندو
آهي، ۽ انهيءَ ڪالهہ جو اڪثر صاف اظهار ٿ ڪيو ويندو آهي
تہ قاتلن جي چال ۾لگت تي "انتقام وٺندڙ پوتن" جو ڊپ ضرور
پنهنجو اثر رکي ٿوا مقدس سردارن، ماتم ڪندڙن، ويڙهاوارين
زالن، جنگ تي ويندڙ جوڌن وغيره تي پابندين ۽ بندشن جو عام
مقصد فقط اهڙن آدمين کي سوسائٽيءَ کان علحدو ڪرڻ جو هوندو
آهي ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءَ مختلف قسم جا قانون
بنايا وڃن ٿا، جن جي ماتحت ڪن ماڻهن کي تنها جهوڙين يا
جهنگن ۾ رهڻ لاءَ مجبور ڪيو وڃي ٿو، ڪن جي مٿان جنسي
تعلقات جي پابندي عائد ڪئي وڃي ٿي، ته ڪن کي خاص ماڻهن
جي برتن ۽ ڪپڙن جي استعمال ڪرڻ کان منع ڪئي وڃي ٿي
وغيره وغيره. فتحياب جنگي جوڌن تي، ساڳين ئي طريقن سان،
ساڳي ئي مقصد لاءَ خاص طرح انهن تي، جن لڙائيءَ ۾ پنهنجن
هٿن سان ڪن دشمن جو رت وهايو هوندو آهي، اهڙن قسمن جون
پابندين وڌيون ويندين آهن. ليمر جي جزيري ۾ جڏهن
جنگي جوڌا ڪنهن لڙائيءَ جي مهم تان ڪامياب ٿي واپس ورندا
آهن، تڏهن سندن سردار کي، بذهب ۽ رواج مطابق، سڏ ڪري
پنهنجي گهر ڏانهن واپس وڃڻ جي منع ٿيل آهي. هن لاءَ هڪ
خاص جهوپڙي اڏي ويندي آهي، جتي هن کي جسماني ۽ روحاني
پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءَ ٽن مهينن تائين تنهائيءَ ۾ رهڻ پوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انهيءَ سچي مرضيءَ هو پنهنجن هٿن سان کاڏو ڪونہ ڪائي سگهندو آهي ۽نہ وري پنهنجيءَ زال وٽ ڦڄي سگهندو آهي. کاڏو سندس وات ۾ پيو ڪو ماڻهو ٿاهي وڃهندو آهيءَ انهن کالهين ۾ان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ انهي شيءِ پابندين فقط مقتولن جي روحن جي ڊپ کان عائد ڪيون ويندين آهن، پوتہ انهيءَ سازشي پيٽ ۾ جڏهن ڪو ماڻهن جي مستين جو شڪاري پنهنجيءَ مهم تان ڪاميابيءَ سان واپس ايندو آهيءَ پاڻ سان ماڻهن رڇون ڪري سيهون سان ڪٽي ايندو آهي، تڏهن اهڙي ماڻهوءَ جي ساڻ جيڪي پابنديون عائد ڪيون ويندين آهن، تن مان هيءَ ڪالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ انهي سڀ بندشون فقط مقتولن جي روحن جي انتقام جي ڊپ کان وڌيون وڃن ٿيون. مقتولن جي روح جي غصي کان بچڻ لاءِ تقاضا قربانيون ڪيون ويندين آهن ۽ ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن انهن جي تعميل ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪئي وئي تہ انهيءَ ڪامياب شڪاريءَ جي ساڻ ضرور ڪا ڪل آفت يا بلا نازل ٿيندي. ازان سواءِ انهيءَ قرباني جي موقعي تي هڪ اهي رسم پڻ ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ انهيءَ شڪاريءَ کي پاڻ ڪرتو هوندو آهي. ۽ ڪئي وقت راڪب جي وسيلي مقتول ماڻهوءَ جي روح کان معافيءَ جي گهر ڪئي ويندي آهي. راڪب ۾ جيڪي الفاظ استعمال ڪيا ويندا آهن، تن جو هي مطلب هوندو آهي: "تنهنجي ڪيسي اسان وٽ آهي، ان ڪري ڪاوڙ نہ ڪجان." جيڪڏهن نصيب اسان سان ياوري نہ ڪري ها، تہ هن وقت تنهنجي سٽي جي بدران اسان جون سيهون تنهنجي ڪوٽ ۾ انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ هجن ها. تنهنجي شڪي ڪي ٻارن لاءِ اسان توکي قرباني ڏيڻ ڪئي آهي. هاڻي مهرباني ڪري پنهنجي روح کي چئہ تہ وڃي آرام ڪري. ۽ اسان کي ڇڏي وڃي. تون اسان جو دشمن ڪيو هئين؟ ڪهڙو نہ ڇگو ٿئي ها، جيڪڏهن تون اسان جي دشمن هجين ها بدران اسان جو دوست هجين ها. اڃ حالت ۾ تنهنجو رت وهايو نہ وڃي ها ۽ تہ تنهنجي سٽي اسان جي قبضي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ها!" مرڪزي سيليس ۽ "پالو" قبيلي وارا ماڻهو جڏهن دشمنن
جون مسيون ويڙي ڇوٽ ڪڍي ايندا آهن، تڏهن سڀ کان اول
انهن جي روحن جي غصي کي ٺاري ۽ ٺاري لاءِ مندر ۾ قربانيون
ڪندا آهن.

نيوگائنا ۾ وانيگيلا درياه جي هنهن وٽ جيڪي قبيلا آباد
آهن، تن مان "جيڪڏهن ڪو ماڻهو قتل ڪندو آهي، تہ اهو
جيستائين کي رسمون نہ ادا ڪندو آهي، تيستائين هن کي ناپاڪ
۽ نجس سمجهيو ويندو آهي. قتل ڪرڻ کان هڪدم پوءِ جيترو
جلد ٿي سگهندس اوترو جلد هو پاڻ کي ۽ انهيءَ هٿيار کي ڏوئي
صاف ڪندو آهي، جنهن سان هن قتل ڪيو هوندو آهي. ان کان
پوءِ هو ڪوٽ ڏانهن ايندو آهي ۽ سڌو وڃي قربانگاه وارن پٿرن
مان هڪ تي ويهندو آهي. اتي هن وٽ ڪوبہ ڪونہ
ويندو آهي ۽ نہ ئي ڪو اڪ ڪٽي ڏسندو آهي. هن جي واسطي
هڪ گهر تعمير ڪيو ويندو آهي، جتي سندس ڪم کان ڪرڻ
لاءِ ٻہ ٽي ننڍا چوڪرا مقرر ڪيا ويندا آهن. انهيءَ عرصي ۾ هو
فقط گرم ٽپل کيڏا کائي سگهندو آهي ۽ سو بہ فقط انهن جا
وڃان حصا. انهن جا چيڙن وارا ٻئي پاسا اڇلائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ
تنهائيءَ جي عرصي جي ٽئين ڏينهن تي هن لاءِ سندس دوست ۽
عزيز هڪ دعوت ٻهو انتظام ڪندا آهن. دعوت جي ٻئي ڏينهن،
اهو ماڻهو پنهنجا بهترين ڪپڙا ۽ بلا پائي، جيڪي هن کي دشمن
جي سسين لاهڻ جي عيوض قوم جي سردارن وڏن ملندا آهن.
۽ پنهنجا سڀ هٿيار ڪٽي ڇوٽ جي وڏن وڏن رستن ڏانهن ويندو
آهي، جتي هو ڪافي دير تائين اڇ ۽ وڇ لائي ڏيندو آهي. انهيءَ
نمائش جي ٻئي ڏينهن تي وري، شڪار جو انتظام ڪيو ويندو
آهي ۽ جيڪي جانور قابو ويندا آهن، تن مان هڪ ٽلهو متارو
ڪانگرو منتخب ڪري، ان جو پٺ جيرو ويندو آهي،
جنهن مان ان جو جيرو ۽ تيري ڪيڙي قاتل جي ٻئيءَ تي مهٽيل
ويندا آهن. ان کان پوءِ هو ڪنهن وهڪي ندي يا چشمي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ان ۾ گوڏن تائين پاڻي ۾ گهوڙي، پنهنجي جسم کي ڏوئندو ۽ صاف ڪندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوٽ جا سپ نڌيا ۽ سيکاريا. نوجوان جوڏا سندس ٽنگن جي وچ ۾ مان ٽپيون هڻندا نڪرندا ويندا آهن. انهيءَ ذريعي سان هو سمجهندا آهن ته ڪين همت، ڀي ڏاڍائي ۽ دليري حاصل ٿيندي. ٻوري ٻڌي ڏينهن، صبح جو سويري، پنهنجا سڀ هٿيار پنوهار پائي، هو گهر کان باهر ڏوڪي پوندو آهي ۽ پنهنجي مرحوم دشمن جو نالو پڪاري ان کي سڏ ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح هاڻي جڏهن هن کي اطمينان ٿي ويندو آهي ته هن پنهنجي شڪار ٽيل دشمن جي روح کي بلڪل ڏيجاري ڇڏيو آهي، تڏهن هو ڏاڍيءَ بي فڪريءَ سان گهر واپس ويندو آهي، جتي فرش ۽ ديوارن کي ڀي زور زور سان ڏڪ هڻيندو آهي، جنهن جو مطلب ٻڌ روحن کي ڏيجاري ڇڏڻ جو هوندو آهي. اڃا به هڪ ڏينهن رکي پوءِ ان ماڻهوءَ جي پاڪائيءَ جو سلسلو مڪمل سمجهيو ويندو آهي، ۽ ان کان پوءِ هو پنهنجيءَ زال سان هيڪلاڙ ٿي سگهندو آهي."

ڇ نيوگائنا جي، 'ونڊيسي' علائقي ۾ جڏهن "ماڻهن جي مسين جو شڪار ڪندڙ گروه" ڪاميابيءَ سان پنهنجي ڪوٽ واپس ايندو آهي، تڏهن هو پنهنجيءَ ڪاميابيءَ سان واپس اچڻ جي حقيقت کي آشڪار ڪرڻ لاءِ سمنڊ جي ڪوڏن کي زور زور سان وڄائيندا ايندا آهن. انهن جون ننڍيون ٻيڑيون وڻن جي ساڻ ٽارين سان سينگاريل هونديون آهن. انهيءَ ٽوليءَ منجهان جن ۾ ماڻهن مسيون لاڳيون هونديون آهن، تن جي شڪل ڪوئلن جي ڏڙ سان سياه ٽيل هوندي آهي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن طاقتور ۽ دلير دشمن جي مارڻ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن حصو ورتو هوندو آهي، ته پوءِ انهيءَ سسيءَ کي وڌي، ان سان اوترا حصا ڪيا ويندا آهن، ڪامياب ڏر وارا پنهنجي واپس اچڻ جي وقت کي اهڙي طريقي سان مقرر ڪندا آهن، جو هو گهرن وٽ صبح جو سوير اچي پهچندا آهن، ۽ ٻيڑين کي زور ۽ شور سان هلائيندا اڃي

پهچندا آهن، جتي انهن جون زالون گهرن جي ورانڊن ۾ ناچ ڪرڻ لاءِ تيار ٻيٺيون هونديون آهن. ٻيڙيون سندن گهرن وٽان اچي لنگهنديون آهن، ۽ جيئن جيئن منجهانئن ڪنهن قاتل جو گهر ويجهو ايندو آهي، تيئن تيئن ٻڙڪن ۾ ويڙهل ماڻهو انهيءَ گهر جي ڇت يا ديوارين تي اوتريون سنهيون نوڪدار ڪاٺيون اڇلائيندا آهن، جيڏڻ ماڻهن جون انهن سيسون آنديون هونديون آهن. اهو سچو ڏينهن گهٽو ڪري خاموشيءَ ۽ آرام سان گذاريو ويندو آهي، جيتوڻيڪ گاهي گاهي دهل تي ڏوتڪو هنيو ويندو آهي، يا سنک وڄايو ويندو آهي، ڪڏهن وري گهرن جي ديوارين کي مقتولن جي پوٽن کي ڏيڇاري پڇائڻ لاءِ لڀن سان زوردار ڏڪ لوڪيا ويندا آهن ۽ ان سان گڏ رڙيون ۽ واڪا ڪيا ويندا آهن. اهڙي نموني سان نيوگائنا جي "بابيم" قبيلي وارن ۾ وري اهو اعتقاد هوندو آهي ته قتل ٿيل ماڻهن جا روح پنهنجن قاتلن کان انتقام وٺڻ لاءِ سندن ڀيان پوندا آهن ۽ انهن کي قصاص پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان ڪري هو اهڙن روحن کي رڙين، ولڪن ۽ ڏهلن جي زوردار آوازن سان پڇائي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن فجي ٻڌن وارا ڪنهن جيڏي ماڻهوءَ کي دفن ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن هو عموماً ڪندا هئا، تڏهن هو رات ٿيٺ کان پوءِ ڏاڍو شور مچائيندا هئا ۽ بانس جي لڪڙن، سنکن ۽ ٻين اهڙين شين کي وڄائي، دفن ٿيل ماڻهوءَ جي روح کي ڏيڇاري پڇائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته متان اهو پنهنجي پراڻي گهر ڏانهن واپس موٽي اچي. سندس گهر واريءَ جاءِ کي خراب ڪرڻ ۽ نفرت انگيز بڻائڻ جي ارادي سان، هو ان کي ٽوڙيندا هئا ۽ ان ۾ سچيءَ دنيا ۽ جهان جو گند ڪچرو ڪنو ڪري وجهندا هئا، ته جيئن روح کي اهو گهر پسند نه پوندي ۽ هو اتان پچي هليو وڃي. جنهن ڏينهن اتر آمريڪا جا ڳاڙها هندستاني پنهنجي ڪنهن قيديءَ کي عذاب ڏيئي ماريندا هئا، تنهن ڏينهن شام وقت اهي سيٽي ڪوٽ جي گهٽين سان خوفناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوائنٽيون رڙيون ڪندا ڀوڙندا وتندا هئا. ۽ اڻن سان فرنيچر، ديوارين ۽ ڇتين کي ڏسي ٿوڪيندا وهندا هئا. تہ جيئن مثل قيدي ۽ جو روح ٻندن ڇوڙين مان ڪنهن ۽ جي ڇاپ داخل ٿي ويهي نہ رهي ۽ مليل عذابن جي پاڻ ۽ منجهائين ڪنهن ماڻهوءَ کي تڪليف نہ ڏئي. هڪ سياح جو ڇوٽ آهي تہ "هڪ دفعي جڏهن آءٌ اتفاق سان اوتاوا قبيلي وارن جي ڪوٽ ۾ رات جي وقت پهتس، تڏهن اتي مون زبردست گوڙ ٻڪيڙو ٻڌو، مون ڏٺو تہ ڪوٽ جا سڀ ماڻهو نهايت پوائتين ۽ ڏيچارينڊ رڙين ۽ واڪن ڪرڻ ۾ مصروف ۽ مشغول هئا. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ انهيءَ قبيلي وارن ۽ ڪيڪاپو قبيلي وارن جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي ۽ انهن رڙين ۽ ۽ ولڪن جو مطلب مرندڙ جوڌن جي روحن کي واپس ڪوٽ ۾ اچڻ رهي ڪان بار رکڻ جو هو."

"پاسوٽو" قبيلي وارا جڏهن ۽ جنگ تان موٽندا آهن، تڏهن باقاعدگيءَ ۽ خبرداريءَ سان وضو ڪندا آهن. جنگ ۾ شامل ٿيل جوڌن لاءِ جلد ۾ جلد پاڻ کي مقتولن جي رت کان پاڪ ڪرڻ تمام ضروري سمجهيو ويندو آهي. نہ تہ مثل ماڻهن جيڪا ۽ روح يا سايا انهن جو پيڇو ڪندا رهندا ۽ ڪين سڪ جي ننڊ سمهڻ نہ ڏيندا. ان ڪري هو سيمي هٿيار ٻڌي، جلوس جي صورت ۾ هڪ ڪنهن پرسان وهندڙ درياهه يا چشمي ڏانهن ويندا آهن، جتي سندن جادوگر يا ويچ لڳيئي ڪنهن وڻ جي اوچيءَ ڊاريءَ تي ويٺو هوندو آهي ۽ انهن جي اچي پهچڻ کان هوءَ ۽ پاڻيءَ ۾ لهڻ کان اڳ پنهنجيءَ گودڙيءَ مان هڪ دوا ڪڍي پاڻيءَ جي سير ۾ اڇلائيندو آهي، جنهن جو مطلب پاڻيءَ کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو هوندو آهي. پر جادوگر جو اهو پاڻيءَ کي پاڪ ڪرڻ وارو عمل هروپرو ضروري نہ هوندو آهي. پاڻ ۽ کهاڙين کي ٻہ ساڳئي طريقي سان غسل ڏنو ويندو آهي. مشرقي آفريڪا جي باگيشو قبيلي وارن منجهان جڏهن ڪو ٻہ ماڻهو قتل ڪندو آهي، تڏهن هو اڌ رات پنهنجي گهر ۾ نہ گذاري سگهندو آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪوٽ ۾ واپس ايندو آهي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها رات يا تہ پنهنجي ڪنهن دوست جي گهر گذاريندو آهي، يا وري ڪليل ميدان ۾ زمين تي سمهندو آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو هو رڌ جي قرباني ڪندو آهي، ۽ ان جي آندن جو ڪنڌ پهنجي سيني، ساجيءَ ٻانهن ۽ مٿي کي مکيندو آهي. ان کان پوءِ سندس ٻارن کي وٺس وٽي ايندا آهن، جن کي به هو اهڙي نموني سان اوجهہ ٽڪيندو آهي، باقي جيڪو اوجهہ بچندو آهي، سو هو پنهنجي دروازي جي ٻنهي طاقن کي ٽڪي، آندا ۽ ٻيو پيٽ جو رهيل ڪنڌ گهر جي ڇت تي اچلائي چڏيندو آهي. سڄي ڏينهن تائين هو ڪاڏو پنهنجن هٿن سان ڪوٺ ڪائيندو آهي، ۽ ڪالي جي ٻن ٽڪرن سان ڪٽي وات تائين پهچائيندو آهي. اهڙي ماڻهوءَ جي زال تي ڪا به اهڙي پابندي يا بندش لازمي نہ آهي. هوءَ جيڪڏهن چاهي، تہ انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ ماتم ۽ ڪري سگهندي آهي، جنهن کي سندس مڙس قتل ڪيو هوندو آهي. زئمبيزي درياه جي شمالي حصن ۾ جيڪو "ائنگوني" قبيلو آباد آهي، تن جي ماڻهن مان جڏهن کي جوان جنگي مهم ۾ ڪن ماڻهن کي قتل ڪري ايندا آهن، تڏهن هو پنهنجن جسمن ۾ منهن تي رک مکيندا آهن، پنهنجن مقتولن جا ڪپڙا ڪلهن تي لڙڪائيندا آهن، پنهنجن ڳچين ۾ چوڌن جي ٻيهر رسي وجهندا آهن، جنهن جا ڇيڙا سندن ڇاتين يا پٽين وٽ لڙڪندا آهن. اهڙيءَ مهم تان واپس اچن ڪان پوءِ تن ڏينهن تائين هو اهڙي ئي قسم جون پوشاڪون پائيندا آهن، چوٿين ڏينهن صبح جو سوير اتي ڪوٽ جي ڳڻين مان خوفناڪيون رڙيون ڪندا هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا رهندا آهن تہ جيئن جنگ ۾ قتل ٿيل ماڻهن جا روح ڊڄي ڀڄي وڃن، ڇو تہ جيڪڏهن هو ائين نہ ڪندا، تہ اهي روح انهن جي گهرن ۾ رهجي ويندا ۽ سڀني گهرن جي ڇاتين کي بيماريءَ، ڪ ۽ مفلسيءَ ۾ مبتلا ڪري وجهندا.

مٿين حالتن مان ڪنهن هڪ ۽ پرهيزي رسمن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصو تنهائيءَ ۾ گذارڻ متعلق کو ذڪر ٿيل ڪونهي، پر ڪي آفريڪي قبيلا ڪنهن مشهور بهادر دشمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قاتل کي پنهنجيءَ زال ۽ خاندان جي ٻين سڀني ڀاتين سان گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن تائين ڪلهو رهڻ نه ڏيندا آهن ۽ جنگ تان موٽڻ کان هڪدم بعد هن کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ غسل ڪرائيندا آهن. ساڳئي وقت هن کي پنهنجي قوم جي حڪيم وٽان جهنگلي ٻوٽين جو هڪ مرڪب پ ملندو آهي، جو هن کي پنهنجي ڪاڏي سان گڏ چٻاڙڻو پوندو آهي. مشرقي آفريڪا جي حبشين جي "زندي" قبيلي وارن جو ڪو ماڻهو جڏهن ٻئي ڪنهن قبيلي جي ماڻهوءَ جو خاتمو ڪندو آهي، تڏهن هو پنهنجي جسم ۽ نيزي جي هڪ طرف واري پوري اڌ حصي کي ڪاڙهو رنگ ڏيندو آهي، ۽ ٻئي طرف وري اڌ کي اڇو رنگ هٿندو آهي. قتل ڪرڻ ڪان پوءِ جڏن ڏينهن تائين هن کي ناپاڪ سمجهيو ويندو آهي، ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪيس گهر نه وڃڻ ڏيندا آهن. ڪيس درياه جي ڪناري هڪ عارضي پناهگاهه ٺاهڻو پوندو آهي، جتي هو رهندو آهي. انهيءَ عرصي ۾ هو پنهنجيءَ زال يا معشوقه سان نه ملي سگهندو آهي، ۽ ڪاڏي لاءِ رکو پٽ ۽ ٻکريءَ يا ڪڻونءَ جو گوشت استعمال ڪري سگهندو آهي. چوٽين ڏينهن تي ڪيس پاڻ کي پاڪ ڪرڻ لاءِ هڪ خاص وڻ جي پنن جو تيز جلاب ڪاڙهو پوندو آهي، ۽ ساڳئي ڏينهن شام جو ٻکريءَ جي ڪير ۾ رت ملائي پيٽو پوندو اٿس. ڪاويروندو جي پانڻو. قوم وارن جو ماڻهو جڏهن جنگ ۾ ڪنهن دشمن کي قتل ڪري ايندو آهي، تڏهن گهر پهچڻ سان هن کي پنهنجو مٿو ڪوڙائڻو پوندو آهي ۽ سندس دوست هن جي ٻڌيءَ تي هڪ دوا ملينداآهن. جا ٻکريءَ جي ڏولڙين منجهان تيار ڪئي ويندي آهي تہ جيئن مقتول جو روح ڪيس نه ستائي. اوپر آفريڪا جا واڪينا قبيلي وارا ۽ ساڳين سببن ڪري انهيءَ قسم جي رسم ادا ڪندا آهن. ڪاويروندو جي "جالئو" قبيلي وارن وٽ البت جيڪا رسم آهي، سا ڪجهه مختلف آهي. انهن جي جنگي جوان کي ميدان مان موٽڻ کان ڏينهن بعد مٿو ڪوڙائڻو پوندو آهي، ۽ ڪوٺ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هن کي ڪو ڪپڙو قاسائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي ڇڄيءَ ۽ رسي ٻڌي، پنهنجي گلي ۽ اهڙيءَ طرح لٽڪائڻو پوندو آهي، جو پکيءَ جي ڇڄي مٿي ٻيهي ۽ ڏڙ هيٺ لڙکي پويس، ڇوٽ ۽ پهچڻ وقت، سندس قبيلي وارا انهيءَ پکيءَ جو ڏڙ ڏار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جي ڇڄي جوان جي گلي ۽ لڙڪندي رهندي آهي، شام جو وري مقتول جي نيٽ هڪ دعوت جو انتظام ڪيو ويندو آهي، ته جيئن ان جو روح پنهنجي قاتل کي نه ستائي. 'پيليئو' جزيرن جا ماڻهو جڏهن ڪنهن اهڙيءَ مهم تان واپس ورندا آهن، جنهن ۽ هنن کي ماڻهو قتل ڪيا هوندا آهن، تڏهن انهن مان اهڙن ماڻهن کي، جن پنهنجي زندگيءَ ۽ پهريون دفعو لڙائيءَ ۽ شرڪت ڪئي هوندي آهي ۽ جن ميدان ۽ پنهنجا هٿ ڪن دشمنن جي رت سان رڱيا هوندا آهن، جدا ڪري ڇوٽ جي ڪائونسل هال ۽ بند ڪندا آهن، جنهن ڪان پوءِ انهن تي ٻين سان ڪوبه ناتو رکڻ حرام هوندو آهي. انهيءَ عرصي ۽ هنن لاءِ انهيءَ جاءِ مان باهر نڪرڻ، غسل ڪرڻ، عورت کي هٿ لائڻ ۽ مڇي کائڻ منع هوندي آهي، ڪاڏي لاءِ ڪين فقط ناريل ۽ شربت ڏنا ويندا آهن، ساڳئي وقت ڪنهن وڻ جا ڦل، جن تي سندن جادوگر جو دم ٽيل هوندو آهي، سي ٻڌڻ کي مهڻ لاءِ ۽ کي دم ٽيل سوپارين ڇپاڙڻ لاءِ، ڪين ڏنيون ويندين آهن. ڏن ڏينهن ڪان پوءِ ڪين اتان ڪڍيو ويندو آهي، جنهن ڪان پوءِ هو گڏجي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي غسل ڪرڻ ويندا آهن، جا قتل واريءَ جاءِ جي نزڏيڪ تر هوندي آهي.

اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جي "ناشز" قبيلي وارن جي اهڙن نوجوانن تي، جن پنهنجيءَ عمر ۽ پهرين دفعو ڪنهن دشمن جي ڪوبريءَ جي ڪل لاٿي هوندي آهي، ڇهن مهينن تائين کي بندشون عائد ڪيون ويندين هيون، هو پنهنجن زالن سان اهو عرصو گڏ نه سمهي سگهندا هٿا ۽ نه وري گوشت ئي کائي سگهندا هٿا، سندن خاص خوراڪ مڇي ۽ پٽ هوندو هو، انهن قانونن جي خلاف ورزيءَ جو نتيجو، انهن جي اعتقاد مطابق، اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نکرندو، جو هڪ ته مقتول جو روح جادوءَ ذريعي سندس موت آڻيندو، ٻيو ته هنن کي آئينده ڪنهن به جنگي مهر ۽ ڪاميابي ڪانه نصيب ٿيندي، ۽ ٽيون ته ٽورو ئي زخم سندن موت جو سبب ٿيو. جڏهن به "ڇوڪنا" قبيلي وارو ڪاڙهو هندستاني ڪنهن دشمن جي ڪوپريءَ جي ڪل لاهيندو هو، تڏهن ڪوٽ ۽ اڇڻ ڪان پوءِ، هو هڪ سڄي مهيني تائين ماتم ۾ مصروف رهندو هو، انهيءَ عرصي ۾ هو وارن کي ڪٽي ڪونه ڌوئي سگهندو هو، ۽ جيڪڏهن مٽي ۽ خارش محسوس ٿيندي هيس ته هو هٿ سان ڪنهي به نه سگهندو هو، ان لاءِ هو هڪ ٽيلي استعمال ڪندو هو، جا هميشه سندس ڪرائيءَ سان ٻڌي پيئي هوندي هئي. درحقيقت اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جي سڀني قبيلن ۾ مقتول دشمنن جي روحن لاءِ انهيءَ قسم جو دستوري ماتم ڪيو ويندو هو.

اهڙيءَ طرح اسان ڏسون ٿا ته جيڪي به جنگي جوڌا لڙائيءَ ۾ دشمنن کي قتل ڪندا آهن، تن کي عارضي طور پنهنجي خاندان ۽ قبيلي وارن سان قطع تعلق ٽيڪو پوي ٿو، خاص طرح پنهنجن زالن سان ته ڪنهن به قسم جو واهپو رکڻ هنن لاءِ حرام هوندو آهي، هي به ڏٺو اٿئون ته انهيءَ ٽوري عرصي جي گذرڻ کان پوءِ انهن سڀني کي معاشري ۽ قبيلي ۾ دوباره آزاد طريقي سان اچڻ ويهڻ لاءِ ڪي پاڪائيءَ جون رسمون ادا ڪرڻيون پون ٿيون. هاڻي، جيڪڏهن انهيءَ تنهائيءَ ۽ پاڪائيءَ جي رسمن جو مقصد، جيڪڏهن اسين ڏسي آيا آهيون، ان جي سواءِ ٻيو ڪوبه ناهي ته مقتول جي ڪاوڙيل روح کي ڏيجاري يا راضي ڪري پڄايو وڃي، ته پوءِ اسين بغير ڪنهن هڪ جي اهو انومان ڪڍي ٿا سگهون، ته اهي قاتل ۽ خوني، جن پنهنجي قبيلي يا پنهنجي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ جو خون ڪيو هوندو هو، تن جي مٿان جيڪي ساڳئي قسم جون پابنديون عائد ٿيندڙ هيون، تن جو اصلي مقصد ۽ اهو ساڳيوئي هوندو هو، ۽ غسل ڪرڻ، روزن رکڻ، وغيره جي پابندين متعلق جيڪي خيال ۽ نظريا، قائم ڪيا ويا ته اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني پاڪائيءَ لاءِ عائد ڪيل هيون، سي خيال ۾ نظريا، معلوم ٿئي ٿو تہ، محض بعد جي مفڪرن ۽ مصلحن جي طرفان، اوائلي رسم جي وجهہ جواز طور پيش ڪيا ويا آهن. هن باري ۾ جيڪڏهن اسان اهو ثابت ڪري سگهون تہ وحشين پنهنجي قبيلي جي ڪنهن خوني‌ءَ تي انهيءَ ساڻي وهر ماتحت ٿي اهي پابنديون عائد ڪيون آهن، تہ ان کي سندس مقتول جو روح چهٽيو ٻيو آهي وغيرہ، تہ پوءِ انسان جي متين انسان کي ڪافي تقويت حاصل ٿي ويندي. اتر آمريڪا جي اوناها قبيلي وارن ۾ اهو رواج هوندو هو تہ جيڪڏهن انهن مان ڪو به فرد پنهنجي ڪنهن هم‌قوم شخص کي قتل ڪري وجهندو هو تہ ان حالت ۾ مقتول جي وارثن کي پنهنجي عزيز جي قاتل کي قتل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو هو، پر ڪن حالتن ۾ هو ڪن تحفن ۽ سوغاتن جي بدلي ۾ پنهنجي انهيءَ حق تان دستبردار ٻ ٿيندا هئا. جڏهن ڪنهن قاتل جي زندگي اهڙيءَ حالت ۾ بخشي ويندي هئي، تڏهن ان کي ان ڪان ڇٽن سالن تائين ڪن سخت قانونن جي پوڻواري ڪرڻي پوندي هئي، هن کي پيرين اگهاڙو گهمڻو پوندو هو، گرم کاڌو نہ کائڻو هوس، نہ هو اوچي آواز سان ڳالهائي سگهندو هو ۽ نہ وري ڪنڌ ڦيرائي ڪنهن طرف ڏسي سگهندو هو. پنهنجي چوٿي يا جبي کي هر موسم ۾ ڇڪي پائڻو پوندو هوس ۽ ڪنهن به حالت ۾ ڊلوڊالو يا ڪليل ڪپڙو نہ پائي سگهندو هو. وارن کي ڪٽي نہ ڏيئي سگهندو هو ۽ نہ وري انهن کي ڪليل رکي سگهندو هو تہ متان اهي هوا ۾ وڻڻي ۽ ڪلي پون. جڏهن به قبيلي وارا شڪار تي ويندا هئا، تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پنهنجو تنجو ٻين ڪان اڌ ميل پري ڪوڙو پوندو هو تہ متان ان کي چهٽيل مقتول جو پوت ڪو طوفان برپا ڪري وجهي ۽ کين نقصان پهچائي. هن سان فقط هڪ ماڻهو تنبوءَ ۾ گڏ گذاري سگهندو هو. هن سان ڪو به گڏ ڪائڻ پسند نہ ڪندو هو، جو تہ اهي چوندا هئا تہ "جيڪڏهن اسين اهڙي ماڻهوءَ سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلائيندا سون، جنهن کي 'وکانڊا' نفرت سان ڏسي ٿو، تہ پوء 'وکانڊا' .اسان کان ب نفرت کندو." ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ماڻهو ايتريقدر تنگ ٿي ويندو هو، جو اڌ رات جو اٿي هو روئندو رڙندو ۽ پنهنجي گناه تي پڇتاءُ ڪندو ڦرندو هو. جڏهن هن کي انهيءَ حالت ۾ گهڻو وقت گذري ويندو هو، تڏهن مقتول جا ڀاتي هن کي سڏي چوندا هئا تہ "هاڻي نهيو، جيڪي ٿي گذريو، سو ڪافي آهي. گم ٿيءُ ۽ وڃي عام ماڻهن سان گهر ڀريو. جتي پاءُ ۽ سڀا ڪپڙا وجهه!" هن حالت ۾ قاتل کي ٻين شڪارين کان ڀري رهڻ لاءِ جيڪو سبب ڏنو وڃي ٿو، تنهن سان اسان کي ٻين سڀني پابندين جي اصلي سببن جي بنياد متعلق سراغ ملي ٿو، هن سان "ڀوت" يا "روح" چهٽيل هو، جنهنکري هو ٻين سڀني لاءِ خطري جو باعث هو. قديمي يوناني چوندا هئا تہ مقتول جو روح قاتل سان ڏاڍو ڪاوڙيل هوندو آهي، جنهنکري هو ان کي تڪليف پهچائڻ جي انتظار ۾ رهندو آهي، انهيءَ سبب ڪري اتفاقي قاتل لاءِ ب ڪم از ڪم هڪ سال جو عرصو پنهنجو ملڪ ڇڏي ٻاهر هلڻ وڃڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. جيستائين روح جو غصو ڏڪو نہ ٿي وڃي، تيستائين هن کي پنهنجي ملڪ ۾ موٽي اچڻ نہ گهرجي، ۽ قاتل کي تيستائين واپس نہ اچڻ گهرجي، جيستائين قرباني نہ ڏني ويئي آهي ۽ ڪاڻيءَ جون رسمون ادا نہ ڪيون ويئون آهن. جيڪڏهن مقتول غير ملڪي هوندو آهي، تہ قاتل کي نہ فقط پنهنجو ملڪ ڇڏي وڃڻو پوندو آهي، پر مقتول جي ملڪ کان ب ڀاسو ڪرڻو پوندو اٿس. قديم يونانين جي "اوريسٽيس" واري ڏندڪٿا ۾ انهيءَ نظريي متعلق يونانين جي اعتقاد جو سچو پچو عڪس ملي ٿو تہ ڪيئن "اوريسٽيس" پنهنجي ماءُ جو قتل ڪيو، ڪيئن هو هڪ ملڪ کان ٻئي ۾ رلندو ڦرندو رهيو، ڪيئن سندس مقتول ماءُ جو پوت هن جو پيڇو ڪندو رهيو، ڪيئن هن سان ڪوبہ ڪاڌي ڳڏ ڪائڻ کان نفرت ڪندو هو، ڪوبہ گهر ۾ ڪونہ آڇڻ ڏيندو هوس ۽ ڪيئن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين هن پاڪائيءَ ۽ پراڻت جون سڀ رسمون ادا نه ڪيون هيون، تيستائين هن کي ڪٿي به پناهه جي جاءِ ڪانه ٿي ملي سگهي.

۶. شڪارين ۽ مهاڻن تي بندش:- وحشي معاشري ۾ گهٽو ڪري شڪاري ۽ مهاڻا ڪن پرهيز جي قانونن جي تعميل ڪندا آهن ۽ پاڪائيءَ جون اهي سيئي رسمون ادا ڪندا آهن، جيڪي قاتلن ۽ جنگي جوڌن کي لازمي طور ادا ڪرڻيون هونديون آهن. جيتوڻيڪ انهن سڀني حالتن ۾ اسان کي اهو معلوم ٿي نٿو سگهي ته انهيءَ پاڪائيءَ جي رسمن ادا ڪرڻ جو اصل، ۽ بنيادي مقصد ڇا آهي، پر تنهن هوندي به اسان اهو انومان ڇڪيءَ طرح ڪڍي ٿا سگهون ته جهڙيءَ طرح هڪڙي جنگي جوان لاءِ، جنهن کي دشمن ماريا آهن ۽ مستقبل ۾ ڪن ٻين کي به مارڻ جو ارادو رکي ٿو، پنهنجي هٿان ماريل دشمنن جي روحن کي راضي رکڻ ۽ انهن جي شرارت کان پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ تنهائيءَ ۽ پاڪائيءَ جون سڀ رسمون ادا ڪرڻ ضروري سمجهيون ويندیون آهن، تهڙيءَ طرح هڪ شڪاري يا مهاڻو جيڪڏهن اهڙيون ساڳيون رسمون ادا ڪري ٿو ته پوءِ هن جو به مقصد فقط انهن پڪين جانورن، مڇين ۽ ٻين ساهوارن جي روحن جي انتقام کان پاڻ کي محفوظ رکڻ جو آهي. چو ته عام طرح سان هڪ وحشي انهن سمجهي ٿو ته جانورن ۽ پکين کي به اهڙوئي عقل ۽ روح آهي، جهڙو انسان کي آهي، ۽ ان ڪري هو انهن کي به اهڙيءَ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندو آهي، جهڙيءَ طرح سان هو ماڻهوءَ جي روح کي ڏسندو آهي، جهڙيءَ طرح سان هو انهن ماڻهن جي روحن کي راضي ڪرڻ جا جتن ڪري ٿو، جن کي هن قتل ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح هو انهن جانورن ۽ پکين وغيره جي روحن کي به راضي ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکي ٿو. اهڙن جاندارن جي روحن کي راضي ڪرڻ وارين رسمن تي اسان اڳتي هلي ٻئي باب ۾ مفصل بحث ڪنداسون، هت فقط اسان انهن بندشن ۽ پابندين جو ذڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنداسون جيڪي هڪ شڪاري، ۽ مهاڻي تي، شڪار ۽ مڇي مارڻ جي موسمن شروع ٿين ٿيون ڪان اڳ، انهن جي دوران ۾ ۽ انهن جي خاتمي پڄاڻان عائد ٿين ٿيون، ۽ پيو ته اسين پاڪائيءَ جي انهن رسمن تي غور ڪنداسون، جيڪي انهن کي شڪار تان ڪاميابيءَ سان واپس ورڻ وقت ادا ڪرڻيون پونديون آهن.

هونئن ته وحشي هر جانور جي روح جي عزت ڪندو آهي، ۽ خاص طرح انهن جانورن کي زياده عزت جي نظر سان ڏسندو آهي، جيڪي هن جي لاءِ فائديمند هوندا آهن، يا وري هو جن کان سندن وزن، جسامت يا قوت ڪري ڊجندو آهي. ان ڪري اهڙن فائديمند يا خطرناڪ جانورن جي شڪار يا ذبح لاءِ، بين بيڪار يا ناچيز جانورن جي نسبت، جيڪي قانون لهيل آهن سي نسبتاً زياده سخت آهن. اهڙيءَ طرح "نيوزيلينڊ سائوٿ" وٽ رهندڙ ڪاڙها هنديستاني ويل مڇيءَ (مانگر مڇ) جي شڪار تي وڃڻ کان اڳ هڪ هفتي لاءِ روزا رکندا هئا، ۽ انهيءَ عرصي ۾ تمام ٿورو کاڌو کائيندا هئا، مڇي ڏينهن جي دوران ۾ ڪيترا دفعا پاڻيءَ ۾ غسل ڪندا هئا، راڳ گائيندا هئا، پنهنجي جسم، عضون ۽ منهن کي وڏن ڪوڏن ۽ جهنگ جي ٿوڻن سان سليندا هئا، تان جو شڪار تي وڃڻ کان اڳ ائين معلوم ٿيندو هو ته جڻ هن کي سڄي جسم ۾ وڏا ٻاڙا کنيا لڳا هئا. ساڳئي مقصد لاءِ هن کي عورتن سان هرقسم جي تعلق رکڻ جي سخت منع هئي، اهو پويون شرط سندن ڪاميابيءَ لاءِ بيحد ضروري سمجهيو ويندو هو. هڪڙي سردار کي هڪ دفعي ويل جي شڪار ۾ جڏهن ڪاميابي ڪاتي، تڏهن هن سڄو قصو پنهنجن ماڻهن تي هنيو ته "اوهان پنهنجن زالن جي ڪشش کي روڪي نه سگهيا هوندا." هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته انهن ساڳين ڪاڙهن هندستانين ۾، جنگ جي مهم تي وڃڻ کان اڳ ۽ اهو ساڳيو ئي دستورالعمل اختيار ڪيو ويندو آهي، جيڪو ويل جي شڪار تي وڃڻ کان پيشتر اختيار ڪيو ويندو آهي. اڳئين زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مثلاً گاسي ٻڌڻ جا ’ويل‘ مڇيءَ جا شڪاري ۽ انهيءَ قسم جي قانونن جي عمل ڪندا هئا. جڏهن ڪو به سردار پنهنجن ماڻهن سان ’ويل‘ مڇيءَ جي شڪار تي نڪرندو هو تڏهن هن جي ٽولي جا سڀ ماڻهو هڪ هفتو اڳ روزا رکندا هئا، شراب ۽ زالن کان پرهيز ڪندا هئا، ۽ پنهنجي دل جا سڀ راز هڪٻئي کي ٻڌائيندا هئا، جيڪڏهن راز افشا ڪرڻ وقت اهي محسوس ڪندا هئا ته منجهانئن ڪنهن تمام سنگين قسم جا گناهه ڪيا آهن، ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي هو شڪار تي ڪونه وٺي ويندا هئا. ”مايا گ“ ٻيٽ جا ماڻهو جڏهن مڇيءَ جي شڪار تي نڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا، تڏهن هفتو ڪن اڳ هو پنهنجن زالن سان گڏ ڪونه سمهندا هئا، وري جڏهن پاڻيءَ جون مڇيون جنسي ميلاپ ۽ مصروف هونديون هيون، تڏهن اهي ماڻهو پاڻ جنسي ميلاپ کان پرهيز ڪندا هئا. ڪنهن جي ميلاپ جي موسم آڪٽوبر ۽ نومبر مهينن جي عرصي ۽ هوندي آهي. انهيءَ عرصي ۽ جيڪڏهن کي ڪنوارا جوڙا جنسي ميلاپ ڪندا هئا ته انهن لاءِ اهو مشهور هوندو هو ته اهي جڏهن انهيءَ قسم جي ميلاپ کان فارغ ٿي، پيڙيءَ ۽ ويهي گهر ڏانهن موٽندا، تڏهن جيڪڏهن رستي ۽ ڪنهن ڪا پاڻيءَ جي ترندڙ ڪنهي شئي اڇي ويندي، ته سندن پيڙي اونڌي ٿي ويندي، ۽ چوڪرو چوڪريءَ کان جدا ٿي ويئي. پاڻيءَ جي تري ۽ مختلف طرفن ڏانهن لڙهي هليا ويندا. نيوگائنا ۽ موڙات ٻيٽ جا ماڻهو، انهيءَ موسم ۽ جڏهن ڪنهن جنسي ميلاپ ڪندڙ آهن، زالن ۽ معشوقن سان وصال حاصل ڪرڻ کان پرهيز ڪندا آهن، جيتوڻيڪ ٻين وقتن تي منجهن عشقبازي اوج تي هوندي آهي. ڪيرولائين ٻيٽن جي ميڙ ۽ هڪ نئين ڏک ٻيٽ ’ڊوآپ‘ تالي سان آهي، اتان جا مهاڻا جڏهن مڇيءَ مارڻ جي موسم ۽ جيڪا ڇهن ۽ اٺن هفتن جي درميان ٿيندي آهي، ٻيڙين سبب سمنڊ تي هوندا آهن، تڏهن انهيءَ سڄي عرصي ۽ مڙن جنسي ميلاپ ڪرڻ جي نهايت سخت بندش ٻڌل هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ته اهي ڪنهن ڪم سان ڪنڌي تي ايندا آهن، تڏهن خوڪنهن به حالت ۾ زال يا مائٽ ۽ پيءُ جي گهر ۾ وڃي سگهندا آهن، پر اهو سڄو وقت هنن کي سندن جي اوطاق ۾ گذارڻو پوندو آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ هنن کي هر عورت تي نظر وجهڻ جي ممانعت هوندي آهي. انهيءَ قانون جي پڇڙي ڪنڌ لاءِ چوندا آهن ته رات جو جڏهن اهڙو ماڻهو سمهڻ تي ڇڻي مارڻ ويندو تڏهن اڏامندڙ ڇڻي هن جون اکيون ڪڍي وجهندي، جيڪڏهن اهڙن مهاڻن جون زالون يا پيءُ يا مائر انهن لاءِ کي ڪاڪي جون چيزون ڪٽي ايندڙيون آهن، ته ان حالت ۾ انهن کي سندن جي اوطاق طرف ٻڌي ڏيئي ويهڻو پوندو آهي، جنهن کان پوءِ واسطيدار مهاڻا نظرون زمين ۾ وجهي، باهر ايندا آهن، انهن کان اهي شيون وٺندا آهن، ۽ ان تي وري مردن کي عورتن جي طرف ٻڌي ڪري ويهڻو پوندو آهي، انهن سان جيڪي ڪجهه گالهائڻو هوندو اٽن يا کين ڪجهه ڏيڻو وٺڻو هوندو اٽن، سو انهيءَ حالت ۾ ڏيئي ولي ۽ گالهائي ٻولهائي واپس مردن واري اوطاق ۾ هليا ويندا آهن. انهيءَ سڄي موسم ۾ هو زال سان گڏ ناچ ۽ گاني ۾ شامل ڪونه ٿي سگهندا آهن، پر سڄو وقت ڏاڍي سنجيدگيءَ ۽ گنيرتا سان گذارڻو هوندو اٽن. برزاهوڙ جا ڪول جڏهن پنهنجي ڪٽن جو بيج گهر ۾ آڻيندا آهن، تڏهن انهن کي هڙيءَ ۾ زمين ۾ رکيندا آهن، جنهن کي اڳ ۾ ئي ڪٻوڻيءَ جي چيٽي سان ليپو ڏنو ويو هوندو آهي، انهيءَ ۾ ئي خوش قسمتيءَ جو راز سمايل سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي گهر جي مالڪ کي هرقسم جي ناپاڪائيءَ کان پرهيز اختيار ڪرڻي پوندي آهي، زال سان سمهڻ بلڪل بند ڪرڻو پوندو اٽس، هو بستري تي نه سمهندو آهي، نه وري ڏاڙهيءَ جي سنوارت ڪندو آهي، ننهن کونه لاهيندو آهي، ۽ مٿي ۾ تيل کونه وجهندو آهي. مکڙ، ۽ ڪل کاڏو کونه کائيندو آهي، نه ڪو ئي ڪوڙ گالهائيندو آهي، نه وري ڪو ٻيو اهڙو ڪم ڪندو آهي، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو خراب سمجهندو هجي. هو سنگارسٿي ديوي جي باس ٻاڌيندو آهي ته جيڪڏهن ڪينڪان جمندا ته هو ان جي ناليءَ قرباني ڏيندو. جڏهن ڪينڪان ٽڪرڻ شروع ٿيندا آهن، تڏهن هو پاڙيءَ ۾ گهر وارن سڀني زالن کي دعوت ڏيئي گهرائيندو آهي، جي ڪيئون ٿي اهي گيت ڳائيندڙون آهن، جيڪي ٻار جي جنم وقت ڳايا ويندا آهن. سڀئي شادي شده زالن جي سينڊ ۽ سيندر وڏو ويندو آهي. وري جڏهن ڪينڪان لڳ ڪندا آهن، تڏهن شادي واريون رسمون ادا ڪيون ويندڙون آهن. اهڙيءَ طرح پٽ جي ڪينڪن سان آهو ساڳيو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، جيڪو هوبهو انسانن سان ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ٽي سڳهي ٿو ٿئي جنهن موسم ۽ ڪٿن مان ڪينڪان ٽڪرندا آهن، انهيءَ ۽ جنسي تعلقات کان پوهيز ڪرڻ جي رسم فقط هڪ ٻي رسم جو، هڪجهڙائيءَ جي اصول تي، نقل يا عڪس هجي، جنهن موجب دنيا جي ڪيترين قومن جا ماڻهو حامل عورت سان انهيءَ سڄي غرضي تائين جنسي ميلاپ نه ڪندا آهن، جيستائين هوءَ ٻار جڻي، ان کي ڄڻ ڏاڙائي واري مدو پورو نه ڪري.

دنياس جي جزيري ۽ شڪاري گهٽوڪري ڪڏهن ڪوڏي، انهن کي ڪکن، پنن ۽ ٽارين سان ڍڪي، شڪاري جانورن کي انهن ۽ ڪيراڻي قاسائيندا آهن. جنهن وقت هو اهڙي قسم جي ڪڏن ڪوڏن ۽ مصروف هوندا آهن، تڏهن انهن ته هزار قسمن جون پابنديون هونديون آهن، جي هو مذهبي عقيدن واانگر پوريون ڪندا آهن. ڪو نه اچلائيندا آهن ته متان جانور نفرت کان انهيءَ ڪم ۽ ٽپ اچي، ڪڏن ڪوڏيندي ڪلندا نه آهن ته متان انهن جون ديوارون يڙهي هيٺ ڪري پون، لوڻ نه ڪائيندا آهن، پنهنجن ٻالن سوڙن لاءِ گاهه ڪٽر نه ڪاهيندا آهن، ۽ ڪڏ ۽ ٻيهي بت کين ڪنهندا آهن، جو جو انهن کمن ڪرڻ مان ڪڏ جي پاسن مان مٽي نڪري پوندي ۽ ڪڏ پرجي ويندي، ڪڏ ڪوڏڻ کان پوءِ جيڪا پهرين رات وچ ۽ پوندي آهي، انهيءَ رات هو زالن سان ڪوٺ ڪنهندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، چو تہ ائين ڪرڻ سان هو سمجهندا آهن تہ سندن سڄي محنت ضايع ٿي ويندي.

وحشي ۽ اوائلي قومن ۾ شڪار ۽ مڇيءَ مارڻ جي مهر ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ زالن کان گهڻو ڪري پرهيز ڪئي ويندي آهي. جيڪي مثال مٿي بيان ڪيا ويا آهن، تن مان ظاهر آهي تہ اهو قانون سراسر وهم تي مبني آهي ۽ نہ هن معقول خيال ٿي تہ ان جي خلاف ورزي شڪاريءَ يا مهاڻي جي قوت ۾ ڪا عارضي ڪمزوري پيدا ڪندي. عام طرح سان جنسي تعلقات کان ڪري پرهيز نہ ڪئي ويندي آهي تہ بدپرهيزي ڪندڙ ڪمزور ٿي ويندو ۽ شڪار کي ڪاميابيءَ سان نہ پڪڙي سگهندو. ان آها پرهيز ان ڊپ کان ڪئي ويندي آهي تہ انهيءَ کي ڪرڻ سان شڪار جا جانور يا مڇيون پنهنجي هٿ ۽ بيعزتي سمجهي، ڪاوڙ لاءِ پاڻ کي پيش ڪرڻ ڪندا. برٽش ڪولمبيا جو ڪريئن هندستاني رڇن ۽ بين جانورن جي ڪاوڙ لاءِ جاڙن وڇهن کان هڪ مهينو اڳ زال سان سمهڻ ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ان جي استعمال ٿيل برتن ۾ پاڻي نہ پيئندو آهي، ۽ هڪ ڪالي ۾ مانڊ ٿهيل پياري ۾ جدا پاڻي پيئندو آهي. انهن قانونن جي خلاف ورزي يا انهن تي پوريءَ طور تعميل نہ ڪرڻ ڪري، اهي هندستاني سمجهندا آهن تہ سندن جاڙن ۾ جانور ڪاوي، تيرڪي نڪري ويندا. ڪن خاص ننڍن جانورن جي لاءِ جڏهن جاڙون وڇهندا آهن، تڏهن پرهيز جو عرصو گهٽائي ڏهہ ڏينهن ڪيندا آهن.

بين سڀني حالتن ۾، جن ۾ هڪ وحشي انسان پنهنجي شهوتي جذبات تي ضابطو رکي ٿو ۽ ڪن وهمن جي ڊپ کان پاڪ ۽ صاف رهي ٿو، تن جي چڪاس مان ڏاڍا دلچسپ ۽ سبق آموز نتيجا نڪرندا. هر هن وقت اسان انهيءَ طرف توجہ ڪري نٿا سگهون. هن وقت اسين انهيءَ رسم جا فقط چند متفرق مثال پيش ڪري، انهن رسمن تي غور ڪنداسون، جيڪي هڪ ڪامياب شڪاري ۽ مهاڻو شڪار ڪائڻ ۽ مڇين مارڻ کان پوءِ ادا

ڪندو آهي. 'لائوس' ۽ سيڦوم واري ۾ جاءِ تي، لوڻ جي ڪائين ۽ ڪم ڪندڙ مزور ڪم واري ۾ جاءِ تي جنسي ميل ميلاپ ڪرڻ کان سخت پرهيز ڪندا آهن، ساڻئي وقت ڪين تيز آس کان بچاءِ لاءِ نڪهن پاڻي جي پناه ولڻي آهي، ۽ نڪا چٽي استعمال ڪرڻي آهي. برسا جي ڪاچين قبيلي وارا 'بيئر' (شراب) ناهڻ جا ماهر ٽيندا آهن. بيئر جي مٽل مصالحي ناهڻ لاءِ ان عورتن کي مقرر ڪيو ويندو آهي، جن کي پڪڻ جي ذريعي منتخب ڪيو ويندو آهي، جو تہ اهي انهن ٽن ڏينهن تائين، جيستائين اهو مصالحو لهي تيار ٿيندو آهي، ڪابہ ترش يا تيزابي شيءِ نہ ڪائي سگهنديون آهن، ۽ مڙسن ساڻ پيار، محبت ۽ جنسي ميلاپ ۽ ڪوڙ ڪري سگهنديون آهن. انهن قانونن جي خلاف ورزيءَ ڪرڻ جي نتيجي ۾ بيئر ڪنو نهي پوندو ۽ سندن سڄي محنت ۽ خرچ رائگان ويندو. 'ماسائي' قبيلي وارن ماڻهن وٽ ملو شراب هڪ عورت ۽ مرد ڪان ٺهرايو ويندو آهي، جن کي هڪ جدا جهوپڙي ناهي ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ هو شراب جي تيار ٿي وڃڻ تائين سڪونت اختيار ڪندا آهن. پر انهيءَ عرصي ۾ هنن کي هڪٻئي سان هميستر ٿيڻ کان تمام سخت منع ٿيل هوندي آهي. شراب ناهڻ جي ڪم شروع ڪرڻ کان ڏينهن پيشتر ۽ شراب ٺهڻ جي عرصي ۾، جو گهٽو ڪري چهہ ڏينهن ويندو آهي، ڪين پاڪ ۽ صاف رهڻ جي زوردار تلقين ڪيل هوندي آهي. "مانسائي" سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن اهو جوڙو انهن قانونن جي پڇڙي ڪري جنسي ميلاپ ڪندو، ۽ پنهنجي ۽ ڀاڪائيءَ ۾ رخنو وجهندو، تہ ان حالت ۾، نہ فقط شراب بيئر جي قابل نہ ٺهندو، پر ماڪيءَ جون مکيون ۽ ڇڻي ويندیون، جن جي ماڪيءَ سان هو شراب کي ملو ڪندا آهن. ساڻئي طريقي مڙن هو انهيءَ ماڻهوءَ کي ۽، جيڪو زهر ناهيندو آهي، اکيلي سمهڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن ۽ مٿس اهڙيون بندشون وجهندا آهن، جو هو توڙ کان خارج ٿيل ۽ ٺاهي پاڇيءَ تان ڪل ماڻهو معلوم ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ علائقي ۾ هڪ ٻيو قبيلو "وانڊوروبو" نالي آباد آهي. انهيءَ قبيلي جا ماڻهو وري چوندا آهن ته اهڙيءَ جاءَ جي ڀاسي مان ۽ جيڪڏهن ڪا عورت لنگهي ويندي يا اتي بيهي رهندي جتي انهن جو ڪو مرد زهر ٺاهيندو هوندو، ته پوءِ اهو زهر پنهنجو زهريلو اثر وڃائي ڇڏيندو. جيڪڏهن زهر ٺاهيندڙ ماڻهوءَ جي زال پنهنجي مڙس جي غيرموجودگيءَ ۾، جڏهن هو زهر جي ٺاهڻ ۾ مصروف هوندو، ڪنهن بيگاني ماڻهوءَ سان جنسي ميلاپ ڪري وجهندي، تڏهن ته زهر هيڪاري بيڪار ٿي ويندو. پوئين حالت ۾ عمل ۽ نتيجي جي نوعيت جي مدنظر، ڪا به معقول ۽ مدلل سمجهاڻي پيش ڪرڻ ناممڪن آهي. زهر ٺاهيندڙ جي زال جي "جوهر" جي گم ٿيڻ ڪري، زهر جو جوهر ڪيئن زائل ٿي سگهي ٿو؟ صاف ظاهر آهي ته زهر ٺاهيندڙ جي عورت جي زنا جو اثر هم آهنگ جادوءَ جي اصول جي ماتحت ئي اثرانداز ٿيندڙ سمجهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ عورت جي هڪ چال جلت دوزءَ کان به سندس مڙس ۽ ان جي ڪم تي هم آهنگ جادوءَ جي طريقي سان اثرانداز ٿيندڙ سمجهي وڃي ٿي. انهن ڳالهين سان اسان آسانيءَ سان ۽ بنا ڪنهن ڊپ ڊاڪ جي هي نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا. ته زهر ٺاهيندڙ جي واسطي جيڪو پاڪائيءَ ۽ صفائيءَ جو قانون ٻڌايو وڃي ٿو، سو به هم آهنگ جادوءَ جو هڪ واضح مثال آهي.

ڏکڻ آفريڪا جي "باڻيدي ۽ باڻونگا" قبيلن وارا جڏهن پنهنجي ڳوٺ اڏڻ لاءِ نئين سر زمين منتخب ڪري ان تي نيوان گهر تعمير ڪندا آهن، تڏهن انهيءَ سڄي عرصي ۾ ڪيئن زالن سان پيار ۽ محبت کان پرهيز ڪرڻ پوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي اها خبر پنجي ويندي آهي ته ڪنهن محبت جي ماريل جوڙي انهيءَ قانون جي تعميل ڪرڻ کان غفلت ڪئي آهي، ته پوءِ اهو اڏورو ڳوٺ اتي جو اتي ڇڏي ڏيو ويندو آهي ۽ وري ڪو ٻيو نئون ٻت ڳوليو ويندو آهي. هو سمجهنداً آهن ته پاڪائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رکڻ ڪري، نئون ڪوٽ، جيڪو وڏندڙ ويڇهندڙ حالت ۾ هوندو، تنو ناس ٿي ويندو، سردار ڪمزور ۽ لاغر ٿي ويندو ۽ شايد مري ويندو، ۽ اها عورت وري ڪڏهن به هار ڪونه ڇڏيندي، ڪوچين ڇائنا جا "چام" رهاڪو جڏهن به ڪٻڻ ۽ آبادي جي خاطر درياه جي ڪناري تي نئون بند تعمير ڪندا آهن، يا پراڻي جي مرمت ڪندا آهن، تڏهن انهن جي سردار کي، جيڪو انهي قرباني ڏيندو آهي ۽ انهن جي ديوتائن کان حفاظت لاءِ دعا ٻڌندو آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ نائين جيسين بند نهي راس ٿي، هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ۽ مڪمل تندرستيءَ ۽ گذارڻ ٿيندو آهي، هو ڪنهن به ٻاهرين ڪارروائيءَ ۽ دلچسپي کان ويندو آهي ۽ انهيءَ دوران ۽ ڪيس ڏاڍي پرهيز ڪرڻي پوندي آهي، جو تہ مندس ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ سردار جي ٻاڪائيءَ ۽ رخني ٿوڙ ۾ بند ۽ رخنو پڄي ويندو، ظاهر آهي تہ هن حالت ۽ ۾ جنهن ميل ميلاپ کان پرهيز ڪرڻ جي ذريعي سردار جي جسماني قوت کي محفوظ رکي جو مقصد نظر نہ ٿو اچي، جو تہ هو بند ٻاهر جي ڪر جي تڪميل لاءِ پاڻ تہ ڪجهہ به نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي هر قوم وارن ماڻهن ڪم ۽ کان همراهي ۽ ڪاڻ ٿو ڇڪي.

جيڪڏهن شڪاري ۽ ماهيگير شڪار ڪرڻ يا مڇين مارڻ کان اڳ ۽ ان جي دوران ۽ وهم يا ڊپ کان ڪن پرهيزن ۽ پابندين تي عمل ڪن ٿا، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، تہ هو جانورن کي مارڻ ۽ مڇين وغيره کي ڪائڻ کان پوءِ، انهن ماهيگيرن ۽ شڪارين تي جيڪي بندشون عائد ٿيل آهن، تن جي متعلق ٿهيل قانون ۽ اهڙائي يا انهن کان به زياده سخت هوندا، جي شڪار کان اڳ انهن سان لاڳو ٿين ٿا، جو تہ هو وري انهن شڪار ٿيل جانورن ۽ قاتل مڇين جي غضبناڪ روحن جو ڊپ امڙن طاري ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن ائين ٿيڻ ۾ شڪار کان اڳ جيڪي ڪاڏي پيتي، ڪپڙا پائڻ، اٽڻ ويهڻ متعلق پابنديون عائد ٿيل آهن، سي فقط هن ارادي سان لاڳو ڪيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن تہ جيئن قبيلي جا مرد پنهنجي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ طاقتور ۽ تندرست رهن، تہ ان صورت ۾ انهن ساڳين پابندين تي جانورن کي ذبح ڪرڻ ۽ ڇڻين کي ڪائڻ وڃڻ کان ٻوڙ ۽ عمل پيرا رهن يا انهن کان ۾ زياده سخت رسمن جو ادا ڪرڻ، فضول ۽ بي معني ۽ اڃايو نظر اچي ٿو. اڳتي هلي اسين ڏيکارينداسون تہ شڪاري ۽ ماهيگير پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ کان ٻوڙ ۽ اڳ کان ۾ زياده سخت ۽ تڪليف ده پابندين ۾ مبتلا رهي ٿو. ان ڪري انهن پابندين کي ڪنهن معقوليت جي بنياد تي سمجهائڻ جو خيال بلڪل بيسود معلوم ٿئي ٿو. مطلب تہ انهن کي وهم جي بنيادي نظريي جي ذريعي سمجهائڻ جو واحد رستو ئي اسان جي سامهون باقي وڃي موجود رهي ٿو.

ٻين رنگ امتريت جي علائقن ۾ رهندڙ ايسڪيمو قبيلن وارا "شڪار ۾ مثل جانورن جي جسمن کي ڏاڍي احترام سان ڏسندا آهن ۽ خاص طرح انهي شڪاري کي، جنهن جي تير يا گولي سان اهو جانور مؤ هوندو. انهي ڪالهه جو ڏاڍو خيال رکندو هوندو آهي تہ ڪنهن طريقي سان ان جي روح کي غصو نہ لڳي. مثان هو انهي شڪاري ۽ سندس قبيلي وارن جي مثان ڪا آفت يا ڪن جالتن ۾ موت نازل ڪري." اهڙي طرح "ٽالٽ" قبيلي جو ايسڪيمو شڪاري، جنهن سفيد ويل مڇي جي شڪار ۾ حصو ورتو هوندو آهي يا ان کي جارنان باهر ڪڍڻ ۾ مدد ڪرائي هوندي آهي، تنهن کي ڇڻن ڏينهن تائين ڪنهن به ڪم ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. جو تہ آيترن ڏينهن تائين انهي جي جو پوت ان جي جسم سان گڏ ڇهڻيل سمجهيو ويندو آهي. ساڳئي وقت ڪوٺ ۾ ڪنهن به ماڻهو کي ڪاڙ تيز ڪرڻ يا نوڪ واري چيز استعمال ڪرڻ نہ ڏني ويندي آهي تہ مثان ڪنهن جي مثان انهي رڳڙڻ جو پوت کي ڪو زخم پهچي وڃي. جو تہ اهو پوت انهي عرصي تائين پنهنجي ڇڻيل جسم جي ڪوٺا ۾ مصروف رهندو آهي، ڪنهن کي به وڏي واکي سان ڪالهائڻ جي اجازت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڻ هوندي آهي ته متان اهو پوت ڊڄي وڃي، يا پنهنجي بيعزتي سمجهي. ڪوءَ ماڻهو جڏهن 'ويل' مڇيءَ کي لوه جي ڪهاڑيءَ سان وڍيندو سو ڪ مري ويندو. درحقيقت انهن ڏينهن ۽ سڄي ڳوٺ ۾ ڪنهن کي ڪ لوه جي اوزار استعمال ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي.

اهي ايسڪيمو هر سال ڊسمبر جي مهيني ۾ هڪ وڏو ميلو ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن تي هو سڀني اهڙين مڇين ۽ ٻري ۽ بحري جانورن، جهڙوڪ سيل، ويل، والرس ۽ سفيد رڇ- جا پيتا ڳوٺ جي 'اسيمبلي هال' ۾ ڪٺي ايندا آهن، جن کي هنن سال جي دوران ۾ شڪار ڪري ماريو هوندو آهي. اهي پيتا اتي ڪيترن ڏينهن تائين رکيا ويندا آهن، ۽ جيستائين اهي اتي رکيل هوندا آهن، تيستائين اهي شڪاري پنهنجي زالن سان ڪوبه واسطو ڪونه رکندا آهن، چو ته هو چوندا آهن ته جيڪڏهن هو زالن سان سمهندا ته انهن جانورن جا روح پنهنجي بيعزتي سمجهندا ۽ دوباره وٽن ڪونه ايندا. ساڳئي نموني سان الاسڪا جي "ايليوٽ" قبيلي وارن سان جيڪڏهن ڪو ايسڪيمو ويل مڇيءَ کي 'دم ٽيل نيزي' سان هڪ ڏڪ هڻندو آهي، ته هو ان کي دوباره ان سان يا ٻئي ڪنهن نيزي سان انهيءَ موقعي تي ٻيو ڏڪ نه هڻندو آهي، ۽ خاموشيءَ سان ڳوٺ موٽي ايندو آهي، جتي هو هڪ اڪيليءَ جهوپڙيءَ ۾ اڪيو رهندو آهي، جا خاص انهيءَ مطلب لاءِ اڏيل هوندي آهي، ۽ ٽن ڏينهن تائين نه ڪجهه کائيندو ۽ پيئندو آهي ۽ نه ڪنهن عورت ڏانهن نهاريندو آهي. انهن ٽن ڏينهن جي عرصي ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن زخميل 'ويل' وانگر آواز ڪندو آهي، ته جڏهن اها ڪناري ڇڏي وچ سمنڊ ۾ نه هلي وڃي، جوڙين ڏينهن، هو باهر نڪري سمنڊ ۾ غسل ڪندو آهي، ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ کي هٿن سان ڏڪ هڻندو ۽ تيز آواز سان رڙيون ڪندو آهي. پوءِ هڪڙي سائيءَ کي سان ولي هو ڪناري جي انهيءَ حصي ڏانهن ويندو آهي، جتي هن کي انهيءَ 'ويل' جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ جو گمان هوندو آهي. جيڪڏهن اها سري ويئي هوندي آهي، تہ هو هڪدم ان جو اهو ٽکر وڏي اچلائي چڏيندو آهي، جتي ان کي دم ٽيل نيزي سان زخمي ڪيو هوندائين. پر جيڪڏهن هوءَ مٽل نہ ملندي اٿس، تہ پوءِ هو وري واپس گهر موٽي ايندو آهي ۽ تيستائين سمنڊ ۾ غسل ڪندو ۽ واکا ڪندو رهندو آهي، جيستائين هو سمجهندو آهي تہ 'ويل' مري ويئي هوندي. هن حالت ۾ شڪاري، جو زخميل 'ويل' جو نقل ڪري ٿو، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو هر آهنگ جادوءَ جي هڪجهڙائيءَ جي اصول مطابق، ان کي سچ پچ مارڻ گهري ٿو. وري قطبي ايچي رڇ جو پوت پر ان حالت ۾ پنهنجي بيعزتي سمجهندو آهي، جڏهن هن جي متعلق جيڪي پابنديون مقرر ٿيل آهن، تن تي عمل نہ ٿيندو آهي. انهن ماڻهن جو هي اعتقاد آهي تہ رڇ جو پوت ٽن ڏينهن تائين انهيءَ جاءَ تي ترسندو آهي، جتي هن پنهنجي خاڪي جسم کي الوداع ڪئي هوندي، ۽ انهن ڏينهن تائين ايسڪيمو ان جي متعلق عائد ٿيل پابندين جي قانونن تي تمام سختيءَ سان ڪاربند رهندا آهن، چو تہ هو سمجهندا آهن تہ خلاف ورزي ڪرڻ واري کي، انهيءَ حالت ۾، پين بحري جانورن جي بيعزتيءَ جي مقابلي ۾، زياده جلد سزا ملندي آهي.

جڏهن ڪايان قبيلي وارا شينهن ماريندا آهن، تڏهن هو پنهنجي روح جي سلامتيءَ لاءِ ڏاڍا پريشان ٿيندا آهن، چو تہ هنن جو اهو خيال آهي تہ شينهن جو روح سندن روح کان زياده طاقتور ٿيندو آهي، ان ڪري هو مٽل شينهن جي لاش تان اٺ دفعا هيڏانهن هوڏانهن ايندا ويندا آهن ۽ هيئن چوندا آهن تہ "اي شينهن! تنهنجو روح منهنجي روح هيٺان!" گهر موٽڻ کان پوءِ، هو پاڻ کي، پنهنجن ڪتن کي ۽ هٿيارن کي پڪين جو رت ٽڪيندا آهن، تہ جيئن سندن روح پڻ نہ وڃن، چو تہ هو پاڻ پڪين جي گوشت جا شوقين هوندا آهن، ان ڪري سمجهندا آهن تہ انهن جا روح ۽ ان گوشت تي راضي ٿي ويٺا رهندا. ان کان پوءِ اٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تائين سانده رات ڏينهن پاڻيءَ ۽ غسل ڪرڻ کان پوءِ ئي ٻئي شڪار تي ويندا آهن. هاڻينڪاڻ قبيلي وارن شيدين مان جڏهن کوشينهن، چوتي، هاڻيءَ يا هڪ-سڪي کي ماريندو آهي، تڏهن ان کي وڏو پهلوان سمجهندا آهن، ۽ انهيءَ ڪارنامي ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ پهلوان کي ٽن ڏينهن تائين بلڪل بيڪار ۽ مست ٿي گهر ۽ رهڻو پوندو آهي، ۽ انهيءَ عرصي ۽ هو زال سان نه گهالهائيندو آهي. هن جي زال به ٽن ڏينهن تائين سادي ڪاڏي تي گذر ڪندي آهي ۽ بنهه ايترو ڪائيندي آهي جيترو هن جي جيڙي رهڻ لاءِ بلڪل ضروري هوندو آهي. ساڳئي نموني سان لٽپلٽنڊ جا ماڻهو رڇ جي شڪار کي عزت ۽ شان جو عروج سمجهندا آهن، چو ته هو ان کي جانورن جو بادشاه سمجهندا آهن، ۽ تنهن هوندي به جيڪي به ماڻهو رڇ کي کهڻ ۽ حصو ولندا آهن، تن کي ناپاڪ ۽ پليد سمجهيو ويندو آهي، ۽ کين ٽن ڏينهن تائين هڪ جدا جهوپڙيءَ يا تنبوءَ ۽ گذارڻو پوندو آهي، جو خاص انهيءَ مطلب لاءِ ڪڙو ڪيو ويندو آهي. اتي رهي، هو رڇ کي ويڙي پچائيندا آهن. جيڪو ڪاڙهو انهيءَ بي-ڦيٽيءَ ڪاڏيءَ کي چکي ايندو آهي، جنهن تي مڙل رڇ کي رکي ڪٽي ايندا آهن، ان تي هڪ سال تائين ڪابه عورت سواري ڪائم ڪري سگهندي آهي. ڪن روايتن مطابق انهيءَ ڪاڙهي کي هڪ سال تائين کوبر ڪاڏيءَ ۽ جوڙي نه سگهندو آهي. تنبوءَ يا جهوپڙيءَ ۽ داخل ٿيڻ کان اڳ، جنهن ۽ هو تنهائيءَ ۽ گذارينداآهن، هو اهي ڪپڙا لاهيندا آهن، جن سان هنن رڇ کي ماريو هوندو آهي، ۽ زالون پنهنجن مڙسن جي منهن ۽ هڪ خاص قسم جي چوڻن جو ڪاڙهو ٻاڦي وات سان ٿوڪاريءَ هٽنديون آهن. تنبوءَ ۽ گهڙڻ وقت هو اڳين طرف وارو دروازو استعمال نه ڪندا آهن، ۽ پٺين پاسي کان اندر ويندا آهن. جڏهن رڇ جو گوشت پچي تيار ٿي ويندو آهي، تڏهن ٻن ماڻهن جي هڏن انهيءَ جو ڪجهه حصو زالن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، جي انهيءَ عرصي ۽ انهيءَ تنبوءَ ڏانهن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهارپندیون آهن، جیستائین گوشت پچندو رهندو آهي. جیکي برد زالن ڏانهن گوشت کڻي ویندا آهن، سي اهو بهانو کندا آهن ته هو غیر ملکي ساڻهو آهن، جي ڏورانهین ملک مان سوکڙیون کڻي آیا آهن. اهو گوشت جیکو زالن ڏانهن موکلیو ویندو آهي، سو تنبوءَ جي اڳ واري دروازي مان باهر ٽیلهیو ویندو آهي. جڏهن پرهیز جا ٽي ڏینهن پورا ٿي ویندا آهن ۽ مردن کي پنهنجین زالن ڏانهن وڃڻ جي اجازت ملي ویندي آهي، تڏهن اهي باهر وڃڻ کان اڳ، انهيءَ زنجیر کي، جنهن سان پکڙي، جنهن ۽ رڌل چون وڏیون ڪنیون باه جي وچ جي چوگرد لڪندیون رهندیون آهن، سیٿي جڙا هڪٻئي جي پٺیان باه جي چوگرد ڦرندا آهن، انهيءَ طریقي سان هو پاڻ کي پاڪ کندا آهن. جنهن کان پوءِ هو تنبوءَ جي اڳئین دروازي مان لنگهي باهر وڃي پنهنجین زالن سان ملندا آهن. پر ڪولیءَ جي سردار کي اجا ٻ وڌیڪ ٻن ڏینهن تائین پنهنجيءَ زال سان سمهڻ جي منع هوندي آهي.

ڪیفر قبیلي جا حبشي وري انهيءَ ازدها کان ڊڄندا آهن، جیکا جاندار چیز کي پکڙي، زور سان نچوڙي، ساه ڪڍي، کائیندي آهي. ڪن خاص وهمن کان ڊڄي هو ان کي مارڻ کان ڏاڍو ٿهندا آهن. اڳي ته جیکڏهن کو ساڻهو ان کي پنهنجي بچاءَ ۽ ٻار بچي گنهن نموني سان اتفاق سان ئي ماري وڃهندو هو، ته هوءَ ان بدبخت کي کیترن هفتن تائین وهندڙ پاڻيءَ ۽ سچو ڏینهن ٻڌيءَ پر ترٽیو پوندو هو. اهڙي ساڻهوءَ جي ڪوٽ ۽ تیستائین کوءِ جانور ذبح نه ڪیو ویندو هو. جیستائین هو انهيءَ قسم جي توبهه تائین نه رکندو هو. ازدها جو ڏینگو، ان کان پوءِ ڪوٽ جي واڙي جي پرسان کڏ ۽ دفن ڪیو ویندو هو، جنهن کان پوءِ هڪ سردار جي لاش وانگر، ان کي انهيءَ جاءَ تي وڌیڪ ڪوهه هٽ ڪوٺ لائیندو هو، ان کان پوءِ ساڻهوءَ جي ماتم واري عرصي وانگر انهيءَ توبهه تائیءَ واري عرصي کي به ختم سمجهیو ویندو هو. مدراس ۽ ڪارڻي کاريهر کي مارڻ ڏاڍو گناه سمجهیو ویندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ۽ ڪو ماڻهو ڪاربهر ڪي اتفاق سان ماري وجهندو آهي، تہ سڀ ماڻهو ملي، ان جي جسم ڪي شمشان ڀومي ۾ وڃي اهڙي نموني سان ساڙيندا آهن، جهڙي نموني سان ماڻهوءَ جي لاش ڪي ساڙيو ويندو آهي. نانگ ڪي مارينڊڙ پاڻ ڪي ڏينهن تائين ناپاڪ سمجهندو آهي. ٻئي ڏينهن تي انهيءَ جاءَ تي ڪير هاريو ويندو آهي، جنهن تي نانگ ڪي ساڙيو ويو هو. ٽئين ڏينهن تي اهو بدبخت انسان گناهگار آهي سمجهيو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح، جن جانورن ڪي آزاد چڏيو ويندو آهي، انهن ڪي نہ ماريو ويندو آهي، اهي پاڪ سمجهيا ويندا آهن، ۽ سندن جياتيءَ ڪي ڪوبہ ضرر ڪونہ پهچايو ويندو آهي، — ۽ اڻين صرف هڪ وهم ماتحت ڪيو ويندو آهي. سندن "ظالم ۽ ناپاڪ" ماريندڙ سان جيڪا روش اختيار ڪئي ويندي آهي، اها بلڪل ساڳي هوندي آهي جهڙي هڪ شڪاريءَ ۽ مهاڻي سان اختيار ڪئي ويندي آهي، جي پٽ قوت لاءَ جانورن ۽ مڇين ڪي ماريندا آهن. ان ڪري جن خيالن، ۽ نظرين جي بنا تي بنهي حالتن ۾ جيڪي رسمون مقرر ڪيون ويئون آهن، سي بنيادي طور هڪ ئي نوعيت جا آهن. جيڪڏهن انسان جو خيال صحيح آهي، تہ پوءِ اڻين ڏو معلوم ٿئي تہ اهي نظريا انهيءَ عزت ۽ ڀپ جي احساس جي بنيادن تي ٻڌل آهن، جي هڪ وحشي مختلف جانورن جي دهشت، يا انتها قوت، جساست، يا سندن ڪارگر هٿ جي سبب ڪري پنهنجي دل ۾ محسوس ڪري ٿو، ۽ ساڳئي وقت هو سندن روحن جي انتقامي جذبات کان ۾ ڊڄي ٿو. انسان جي انهيءَ نظريي ڪي "انسام" جي مهاڻن جي انهيءَ روش سان تقويت حاصل ٿئي ٿي، جا هو ڪنهن اهڙي موقعي تي اختيار ڪندا آهن، جڏهن ڪا مٿل ويل مڇي سندن ملڪ جي ڪناري سان اچي لڳندي آهي. اهي مهاڻا ويل جي ان ڪري پوڄا ڪندا آهن، جو هوءَ سندن زندگيءَ ڪي محفوظ رکڻ لاءَ انيڪ طريقن سان مفيد ۽ ڪارائتي ثابت ٿئي ٿي. انهيءَ علائقي ۾ گهٽو ڪري هر گوٺ جي ٻڪوڙا (مندر) ۾ ويل جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورا گھٽا هڏا رکيل هوندا آهن، جي کن حالتن ۾ اصلي هوندا آهن، تہ کن حالتن ۾ نقلي يا هوندا آهن، يا ڪنهي حالتن ۾ انهن کي "ويل" جا هڏا سمجهي، انهن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. جڏهن يا مثل "ويل" اتي اچي وارد ٿيندي آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو ان کي ڏاڍي شان سان دفن ڪندا آهن. جنهن ماڻهوءَ ان جي ڏينگي کي سيني کان آڳ ۾ ايندو ڏٺو هوندو، سو ماتم ڪندڙن جو آڳواڻ ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح جو جڏهن تہ سندس گهر ۾ فوتي ٿي هوندي آهي. پنهنجي ملڪ جي رسم رواج مطابق، هو ماتم جو لباس پائيندو آهي ـ ڪکن جو ٿوپلو، ڏگهن پاڻهن وارو اڇو ڪڙتو، جنهن جون پاڻهون آڱيون ٽيل هونديون آهن ۽ پيو سڀ سازوسامان، جيڪو هڪ ماتم ڪندڙ لاءِ پائڻ ضروري هوندو آهي. مرڻ واري جي ويجهي ۽ ويجهي عزيز هڪ جي حيثيت ۾ هو ماتم جي سيڻي رسمن تي هڪ وڏي جي حيثيت ۾ شامل ٿيندو آهي. خوشبودار تيل ۽ ڏوپ ٻاريو ويندو آهي، سون ۽ چانديءَ جا ورق اڇلايا ويندا آهن ۽ ڦٽاڪا سازيا ويندا آهن. جڏهن ويل جي جسم تان گوشت لاهي، ان جي چربيءَ مان تيل ڪڍيو ويندو آهي، تڏهن ان جي هڏن جي پوڙي کي ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان ريتيءَ ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. بعد ۾ هڪ عارضي چت اڏي ويندي آهي، جنهن جي هيٺان قربانيون ڪيون ويندیون آهن. گهٽو ڪري دفن ٿيڻ کان ٿوروئي وقت پوءِ مثل 'ويل' جو روح ڪنهن نہ ڪنهن ڪوٽ جي ماڻهوءَ ۾ گهڙي ويندو آهي، جو پنهنجي زبان سان اعلان ڪندو آهي تہ 'ويل' نر هو يا مادي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪيهون

جهل يا روڪ ـ شين جي حالت ۽

۱ـ جهل يا روڪ جي معني: چانچي، وحشي معاشري ۽ مقدس بادشاه، سردار ۽ پوڄاري رسوماتي پاڪائيءَ جي جن قاعدن ۽ دستورن تي عمل ڪن ٿا، سي ڪيترين حالتن ۽ انهن دستورن ۽ قاعدن سان بلڪل لهڪي اچن ٿا، جن جي ڀيروي خونخوار جنگي جوان، ماتمي، ويم واريون عورتون، بلوغت کي پهتل چوڪريون، شڪاري، ۽ ماهيگير وغيره ڪن ٿا. اسان جي نظرن ۽ مختلف طبقن جا اهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي نوعيت ۽ شخصيت ۽ هڪجهي ڪان، بنهه علحده آهن، ڪن کي اسين پاڪ ٿا سمجهون ۽ ٻين کي شايد پليد ٿا سڏيون. پر هڪ وحشي انهن جي درميان کوبه اهڙو اخلاقياتي فرق کونه ٿو ڪري، هن جي دماغ ۽ اڃا تائين پاڪائيءَ ۽ پليديءَ جي نظرين ۽ کوبه امتياز کونه آيو آهي. انهن سڀني ماڻهن جي متعلق هُن جي سامهون هڪ ئي ڳالهه آهي: ۽ اها هيءَ ته هو ڏاڍا خطرناڪ آهن ۽ ساڳئي وقت پاڻ ۾ وڏي خطري ۽ گهيريل رهن ٿا، ۽ جنهن خطري ۽ اهي پاڻ قائل آهن ۽ جنهن ۽ اهي ٻين کي ۽ قائل ٿا، سو هڪ قسم جو روحاني يا جسماني خطرو آهي، جنهنکري اهو هڪ خيالي خطرو آهي. ۽ اهو خطرو، بهرحال، خيالي هُئڻ جي باوجود کو گهٽ حقيقي کونهي، خيال ۽ ماڻهوءَ مٿان اهڙي ئي يقيني طريقي سان عمل ڪري ٿو، جهڙو زمين جي ڪشش ثقل ان کي متاثر ڪري ٿي، ۽ ممڪن آهي ته جيئن شوري جو تيزاب ڪيس پڪ ئي پڪ ماري وجهندو، تيئن ڪن حالتن ۽ محض خيال ۽ ڪيس ماري وجهي. انهن پابندين ۽ بندشن جو مقصد، جي اهڙن ماڻهن تي عائد ڪيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃن ٿيون، هيءَ آهي تہ ڪين باقي ٻيءَ دنيا کان پري رکيو وڃي، تہ جيئن اهو خطرناڪ روحاني ضرر خود ڪين ۾ نہ پهچي ۽ وڌائين نڪري ٻين ڏانهن ۾ ڦهلجي نہ وڃي. اهي بندشون هڪ قسم جا برقي بند آهن، جن جي ذريعي خود ڪين ٽوڙي ٻين ماڻهن کي ان غير معمولي طاقت جي ضرر ناڪ اثر کان، جنهن سان هو پريل رهن ٿا، محفوظ رکيو وڃي ٿو، چوٿين ٻهروليي دنيا سان ڪنهن ٻي ضابطي نموني لهه وچڑ ۾ اچڻ ڪري اهڙي صورتحال جي ٻيدا ٿين جو لازمي طور امڪان رهي ٿو.

پابندين جي انهن عام اصولن متعلق جيڪي مثال مٿي ڏيئي آيا آهيون، تن ۾ اسين هتي ڪن ٻين ۽ اهڙن مثالن جو اضافو ڪرڻ چاهيون ٿا، جن جو واسطو زيادهتر انهن شين ۽ لفظن سان آهي، جن جي استعمال تي بندش پيل آهي، جو تہ هڪ وحشيءَ جي خيال مطابق، ماڻهن واڪنگر شين ۽ لفظن ۾ ۽ ٽوري يا گهٽي عرصي لاءِ اهو برقي اثر موجود ٿي سگهي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي استعمال تي عارضي يا مستقل طور بندش وجهڻ لازمي آهي. اسين اهڙا مزيد مثال انهن مقدس بادشاهن، سردارن ۽ پوجارين متعلق چونڊيندا سون، جي رواجي ماڻهن کان بندش جي زياده مضبوط ديوار ۾ گهيريل ۽ مقيّد رهن ٿا. هين باب ۾ اسين رکيو روڪ پيل يا ممنوع شين جو ذڪر ڪنداسون، ۽ باقي روڪ پيل يا ممنوع لفظن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ بيان ڪنداسون.

۲۔ **لوڪ جي استعمال تي بندشن:** سڀ کان اول هن ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ بادشاه جي وجود جي بي انداز تقدس سبب لازمي طور هيءَ فرض عائد ٿئي ٿو تہ ان جي جسم کي هٿ نہ لاتو وڃي. چنانچہ اسپارٽا جي بادشاه کي ڇهڻ هڪ نهايت سنگين ڏوهہ شمار ڪيو ويندو هو، ٽاهٽيءَ جي ڪنهن ٻہ بادشاه يا راڻيءَ کي هٿ لائڻ جي سخت منع هوندي هئي، سيام جي بادشاه کي هٿ لائڻ واري کي ۽ ر تان آهو ڪٺو پوندو آهي. ڪئمبوڊيا جي بادشاه کي ڪنهن ٻہ صورت ۾، سواءِ سندس خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪم جي، ڪوءَ هٿ لائي ڪونہ سگھندو آھي. جون ٿا تہ سنہ ۱۸۷۴ع ۾ ھڪ دفعي اھو بادشاہ گاڏيءَ تي سواري ڪندي ڪري پيو، ۽ گھڻي وقت تائين پٽ ۾ بيھوش پيو ھو. پر سندس خدمتگارن، وزيرن ۽ درباربن مان ڪنھن کي ب ھن کي ھٿ لائڻ جي همت ڪانہ ٿي. آخرڪار ڪافي وقت ڪان پوءِ ھڪ يورپين اتان اچي لنگھيو، جنھن بادشاہ کي کڻي سندس محلات ۾ وڃي پھچايو. اڳئين زماني ۾ ڪوءَ ماڻھو ڪوريا جي بادشاہ کي ھٿ ڪونہ لائي سگھندو ھو. جڏھن ب ھو پاڻ پنھنجي رعايا منجھان ڪنھن کي ھٿ لائيندو ھو، تڏھن ان ماڻھوءَ جي جسم جو اھو حصو پاڪ سمجھيو ويندو ھو ۽ ھن کي سڄيءَ عمر تائين انھيءَ جاءَ تي تيز گاڙھي رنگ جو ريشمي ٽوڙھو ٻڌي پنھنجي شان ۽ انھيءَ اعزاز جو اعلان ڪرڻو پوندو ھو. بادشاہ جي جسم کي ڪنھن ب حالت ۾ لوھ جو ڪو ٽڪر لڳڻ نہ ڏينڌا ھٿا. سنہ ۱۸۰۰ع ۾ ليونگ-تسانگ-ٽائي-اونانگ بادشاہ کي پٽيءَ جي ڪنڊي ۾ ڪيڙو نڪري پيو، ۽ ڪنھن ب جراح سندس جسم تي نشتر استعمال ڪرڻ جي همت ڪانہ ڪئي، جا شايد بادشاہ جي حياتي بچائي وڃھي ھا. جون ٿا تہ ھڪڙي بادشاہ کي چپ ۾ ھڪ خطرناڪ ڦڙڙي نڪري پيئي، جا ڪائ ڪان جواب ڏيڻ ۾ معاملو نھايت سنگين ٿي پيو ۽ ڪنھن کي ب اھڙي واٽ نہ سمجھي آئي، جنھن سان بادشاہ کي ايتريءَ تڪليف کان بچائڻ جو ڪو جتن ڪيو وڃي. آخرڪار گھڻي سوچ ويچار بعد درباري جراح ڏوڙي وڃي ھڪڙي مسخري کي ولي آيو، جنھن بادشاہ کي ايترو تہ ڪلايو، جو نيٺ ڦڙڙي ڪائي ٻاھر. رومن پادرين کي پنھنجي مٿي يا ڏاڙھيءَ جا وار لوھ جي ڪينچيءَ سان ڪترائڻ جي اجازت ڪانہ ھئي، ھو فقط ڪنجھي سان ڪيل پاڪي يا ڪنڌي استعمال ڪري سگھندا ھٿا. روم ۾ آروال برادرس جي مقدس آستاني ۾، جڏھن ب ڪو سنگتراشيءَ جي ڪم ڪرڻ لاءِ لوھ جا اوزار اندر ڪٽي ويندو ھو، تڏھن سندس اندر گھڙڻ کان اڳ ھڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي يا سوئر جي قرباني ڪرڻي هوندي هئي، ۽ جڏهن اهو حڪم آخرين طرح ختم ٿي ويندو هو، تڏهن وري ٻيا ساڳي قرباني ڏيڻي پوندي هئي. يوناني مڙهين ۽ مندرن ۾ اندر لوهه ڪٽي وڃڻ جي عام طرح سخت ممانعت هوندي هئي. ڪريٽ جي بيت ۾ "مينيڊيمس" کي جيڪي قربانيون ڏنيون ويندڙيون هيون، تن ۾ به لوهه کي ڪتب ڪونه آندو ويندو هو، چو ته روايت مطابق مينيڊيمس کي ٽروجن لوڪن جنگ ۾ لوهه جي هٿيار سان ئي قتل ڪيو هو. پليٽائي جي سردار کي لوهه کي هٿ لائڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي، ۽ هر سال پليٽائيءَ جي ميدان ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ جڙندا شهيد ٿيا هٿ، هو ڏکي جي قرباني ڪرڻ لاءِ ويندو هو، ۽ ان لاءِ ڪيس تلوار سان ڪٽي وڃڻ جي اجازت هوندي هئي. اڄ تائين ٿالينائن حبشي قبيلي جو پادري لوهه جو چاڪون ڪم ۾ ڪونه آڻيندو آهي، ۽ قرباليءَ يا ڪنهن چوڪري جي طهر ڪرڻ لاءِ هو شيشي جو تيز ٽڪر ئي استعمال ڪندو آهي. ڏکڻ-اولهه آفريڪا جي وامبو قبيلي وارن ۾ چوڪرن جو طهر تيز پٿر جي 'چاڪونءَ سان ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو پٿر ان وقت دستياب نه ٿئي سگهندو آهي، تر پوءِ لاچار لوهه جي چاڪونءَ سان طهر ڪندا آهن، ۽ انهيءَ چاڪونءَ کي پوءِ زمين ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. اتر آمريڪا جي ايروزونا علائقي جا سوڪي قبيلي وارا جيتوڻيڪ هن وقت پٿر جا اوزار استعمال نٿا ڪن، ان جي باوجود رسوماتي موقعن تي ڪين اڄ تائين پٿر جا چاڪون ۽ ٻيا اوزار استعمال ڪرڻا پوندا آهن. 'پائني' قبيلي وارن جيتوڻيڪ پٿر جي ٻنهن وارا تير شڪار لاءِ يا دشمنن سان جنگ جي موقعي تي استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏنا هٿ، تڏهن به هنن اهي هٿيار قربانيءَ جي موقعي تي استعمال ڪرڻ لاءِ وري به پاڻ وٽ باقي رکي ڇڏيا هٿ. يهودين يروشلم واري مندر جي تعمير ۾ لوهه جو ڪوبه اوزار استعمال ڪونه ڪيو هو. روم واري قديم ڪاٺ جي ٻل، جنهن کي مقدس سمجهيو ويندو هو، لوهه يا ڪنجهي جي استعمال ڪرڻ بغير ٺاهي ويئي هئي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي مرمت ۾ ڪو ڏاتو استعمال ڪرڻو ڪوئي هوء سائزيڪس وٽ جيڪو ڪائونسل چيمبر ٿهيل هوء سو سڄو ڪاٽ جو ٿهيل هوء ۽ ان ۾ لوه جا ڪي به ڪوڪا يا ڪيلا استعمال ڪيل نه هئا، ۽ ان جا شهتير اهڙي نموني سان رکيل هئا، جو انهن کي هرڪت مرضيءَ مطابق اڻان لاهي وري ساڳئي هنڌ مٿي رکي سگهبو هو.

لوه جي استعمال تي اها روڪ شايد تاريخ جي انهيءَ اوائلي دور جي نشاني آهي، جڏهن لوه جي نئين نئين ايجاد ٿي هوندي، دنيا لاءِ اهو ڏاتو ان وقت هڪ نئين ۽ عجيب چيز هئي، جنهن ڪري ان کي هرڪو شڪ، ڊپ ۽ نفرت جي نگاه سان ڏسندو هو. ڇو ته هر نئين چيز هڪ وحشيءَ جي دل ۾ ڊپ ۽ حيرت پيدا ڪرڻ واري چيز هوندي آهي. بورنيو ۾ تحقيقات ڪندڙ هڪ شخص لکي ٿو ته: "دونس قبيلي وارن ۾ هيءَ هڪ عجيب رسم آهي ته اهي هر شيءِ - چڱيءَ يا بريءَ، سعد يا نحس - کي انهيءَ چيز سان واسطو ڪندا آهن، جا نئين سر انهن جي ملڪ ۾ ايندي آهي. مثال طور هيءَ جيڪا گن ڏينهن کان ولي گرم هوا شروع ٿي آهي، تنهن جو سبب اهي منهنجي موجودگيءَ کي سمجهي رهيا آهن." سال ۱۸۸۶-۱۸۸۷ع جي سياري ۾ نڪوبار ٻيٽن ۾ غير معمولي بارش پوڻ شروع ٿي هئي، جنهن جهڙي گهڻن سالن کان ولي ڪانه ٻيٿي هئي. اڻان جا وحشي انهيءَ شامت کي انهن انگريزن جي موجودگيءَ جي نتيجي ۾ آيل سمجهي رهيا هئا، جي انهن ڏينهن ۾ انهن ٻيٽن ۾ سروي جو ڪم ڪري رهيا هئا. سندن خيال هو ته سروي پارٽيءَ وارن آتي جيڪي عجيب و غريب اوزار نصب ڪيا هئا، تن تي مقامي ديوتائن کي ڪاوڙ لڳي هئي. ڇو ته انهن جي آستانن تي هنن بيجا مداخلت ڪئي هئي، جنهنڪري ظاهر هو ته ديوتا انهن جاين کي دوباره استعمال ڪرڻ کان نفرت ڪري رهيا هئا. پوءِ انهن وحشين مان ڪن پنهنجن ديوتائن جي غصي ٽڏي ڪرڻ لاءِ سوڙن جون خوب قربانيون پيش ڪيون هيون. سترهين صدي عيسويءَ ۾ ايسٽونيا ۾ نوسمون هڪڙي پٽيان ڏاڏيون خراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون، جنهنڪري اتان جي ڪڙمين ان حالت جو ڏوهه ڀوت جي ڀڻ - چڪيءَ واري کي ڏنو، جو تہ هن ڀاڻيءَ جي وهڪري روکي ڀاڻيءَ جي ديوتا کي تڪليف ۽ وڏو هو، جنهن جي نتيجي ۾ هو متن ناراض ٿيو هو. پولنڊ ۾ جڏهن پهريون دفعو لوه جا هر استعمال ڪيا ويا، تڏهن اتفاق سان موسمون خراب ٿيڻ لڳيون ۽ فصل تمام گهٽ ٿيڻ لڳا، جنهنڪري اتان جي ڪڙمن لوه جا هر ڪٽي ڦٽا ڪيا ۽ پنهنجن پرائن ڪاٽ جي هرن سان پنيون ڪيڻ لڳا. اڄ تائين ۾ جاوا جا بادووي قبيلي وارا، جن جو مکيہ پيشو زراعت آهي، لوه جو اوزار استعمال ڪرڻ ڪندا آهن.

هر نئين چيز جي ايجاد کي خاص طرح مذهبي پيشي وارا نفرت جي نگاه سان ڏسندا آهن، اها ئي ڪالهہ پنهنجي ليکي بڊشاهن ۽ پوڄارين جي انهيءَ پرمي ناپسنديدگيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي، جا هو لوه جي متعلق محسوس ڪندا هئا ۽ جنهن کي ديوتائن جي طرفان عائد ٿيل سمجهندا هئا، ٿي سگهي ٿو تہ لوه جي خلاف انهيءَ نفرت جي جڏهي ۾، ڪن حادثن جي واقع ٿيڻ سبب، اضافو ۽ تقويت آئي هجي، جيئن مسلسل خراب موسمن جي ڪري، پولنڊ ۾ لوه جي هر کي نفرت ۽ حقارت جي نگاه سان ڏٺو ويو. ۽ ديوتائن ۽ سندن پوڄارين ۽ پادرين جي انهيءَ نفرت جو هڪ ٻيو پهلو ۽ آهي. لوه جي خلاف ديوتائن جي انهيءَ نفرت ۽ بيزاريءَ کي ماڻهن، موڙون وقتن تي، خود سندن خلاف هٿيار طور ۽ استعمال ڪيو آهي. جيئن تہ لوه جي خلاف ديوتائن جي دلين ۾ ايترينقدر تہ بيزاري ۽ نفرت موجود ڄاتي ويندي آهي، جو سمجهيو ويندو آهي تہ هو ڪنهن ۽ اهڙي ماڻهوءَ يا چيز جي ويجهو نہ ويندا، جيڪو انهيءَ ناپاڪ يا پليد ذاتوءَ ۾ وڌهيل هوندو، ان ڪري ڪيترن وقتن تي پوتن ۽ بدروحن کي پچائن لاءِ لوه کي تعويذ يا جادوءَ طور استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اسڪاٽلنڊ جي جاهلو علاقن ۾ جتن، ڏوتين ۽ ديون جي شرارت کان محفوظ رهڻ جو بهترين ۽ سچو ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياده مؤثر هٿيار لوه، يا ان کان به وڌيڪ طاقتور، فولاد کي سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ ذاتوءَ کي ڪنهن به صورت ۾ ـ تلوار، خنجر، بندوق جي ناليءَ، يا ننڍڙي چاکوءَ جي شڪل ۾ ـ پاڻ وٽ رکڻ کي، انهيءَ مطلب لاءِ نهايت طاقتور افسون سمجهيو ويندو آهي. جڏهن به ڪنهن اهڙيءَ جاءَ ۾ اندر گهڙڻو هجي، جتي ٻرين جي واسي هڻڻ جو انديشو هجي، تہ پوءِ ان جاءَ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، ان جي دروازي ۾ ڪوڙ کو فولاد جو ٽڪر، جهڙوڪ چاکون، سئي، مڇي مارڻ جي ڪنڊي، وغيره، لڳبل گهرجي، چو تہ انهيءَ صورت ۾ گهڙ ۾ رهندڙ ٻرين ٽيستائين دروازو بند تہ ڪري سگهنديون، جيستائين واسطيدار ماڻهو اندران کر لاهي موڪي نہ آيو آهي ۽ اهو رڪ جو ٽڪر اتان نہ ڪڍيو اٿائين. ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن ڪنهن هرڻ ماريو هجي ۽ ان کي رات جي وقت گهر ڏانهن ڪٽي ايندو هجي، تہ پوءِ ان جي جسم ۾ چاکون يا ڪنبي چڏي، جو ان ڪري کوجن يا پري ان جي مٿان ويهي ان کي گهرو يا اگرو بنائي کوڙ سگهندا. ڪنهن جي ڪيسي ۾ جيڪڏهن چاکون يا رڪ جو ڪوڪو پيو هوندو، تہ ان کي رات جو ٻرينءَ اڏائي مٿي ڪوڙ ڪٽي ويندينءَ ويڙ وارين زالن ۽ انهن جي ٻارن کي ٻرين جي شرارت کان محفوظ رکڻ لاءِ، انهن جي بسترن يا پلنگن ۾ رڪ جا ڪوڪا لوڪي چڏڻ گهرجن، ٻر ٻڪ ڪرڻ لاءِ اهڙين زالن جي بسترن هيٺان رندي جو ڦر ۽ درين ۾ ڏانڊو ٻڌ رکي چڏڻ گهرجي. جبل ٽان هيٺ ڪري جيڪو ڏگهري ويو هجي، تنهن جي گوشت کي جنن ۽ ٻرين جي اثر کان محفوظ رکڻ لاءِ ان جي جسم ۾ ڪوڪو ڪنبي چڏڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو شڪاري جهنگ جي جانورن کي قاسائڻ کان اڳ سڙندو وڃائيندو تہ اهو ٻرين کان محفوظ رهندو، چو تہ "انهيءَ ساز جي زبان فولاد جي ٽهيل هوندي آهي." مراقش ۾ پوٽن ۽ بدروحن کان محفوظ رهڻ لاءِ لوه استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهنڪري مريض جي ويهائي هيٺان چاکون يا خنجر رکيو ويندو آهي. سنگهالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبيلي وارا سمجهندا آهن تہ اهي هر وقت جنن ۽ پوتن جي گهيري ۾ هوندا آهن، جي هميشه ماڻهن کي غفلت جي ڪنهن به گهڙيءَ ۾ ضرر رسائڻ جي موقعي جي انتظار ۾ ويٺا رهندا آهن. اتان جو ڪوبہ ڪڙمي سڻي کاڌي کي، جنهن ۾ نان يا ٻڪل ۽ ڪل گوشت شامل هوندو آهي، هڪ جاءِ کان ٻيءَ ڏانهن کڻي وڃڻ جي تيسين همت ڪونہ ڪندو آهي، جيسين ان ۾ ڪٿي لوهہ جو ڪوڪو نہ اڇلائيندو آهي، چو تہ ان کان سواءِ پوٽ اڇي آهو کاڌو کائيندا ۽ انهن جي اوڙ کائڻ واري کي ڪنهن مهلڪ مرض ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو. ڪوبہ بيمار، مرد يا عورت، ڪنجين جي چڪي يا چاکوءَ کان سواءِ گهر کان باهر نڪرڻ جي همت ڪانہ ڪندو آهي، چو تہ اهڙي بچاءَ کان سواءِ هو ڄڻتو آهي تہ متان ڪو جن يا پوت سندس جسم جي ڪمزور حالت جو فائدو وٺي سندس بدن ۾ گهڙي نہ وڃي. جنهن کي به بدن تي ڪو وڏو قت هوندو آهي، سو پاڻ کي جن يا پوت کان محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجي قت ٽي لوهہ جو پٽ رکي چڏڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سليو ڪوست جون حبشي عورتون جڏهن به پنهنجي هار کي ڪمزور ۽ لاغر ٿيندو ڏسنديون آهن، تڏهن اهي هيءَ خيال ڪنديون آهن تہ ان هار جي جسم اندر پوت گهڙي ويو آهي، جنهنکري فوراً هو مناسب نموني جا آپاءَ اختيار ڪنديون آهن. اهڙي هار جي جسم مان پوت کي باهر ڪيڏ لاءِ ان جي ماءُ ڪنهن سڻي مزيدار کاڌي جو نذرانو پيش ڪندي آهي، جڏهن هوءَ سمجهندي آهي تہ پوت انهيءَ کاڌي کي کائي رهيو آهي، تڏهن چپ چاپ هوءَ پنهنجي ٻچي جي مٿان ۾ لوهہ جون ڪنگڻيون ۽ گهنڊڙيون ٻڌي چڏيندي آهي، ۽ گلي ۾ لوهہ جون زنجيرون پائي چڏيندي آهي. کاڌي ختم ڪرڻ بعد جڏهن پوت هار جي جسم اندر دوباره داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو، تڏهن زنجيرن جو ڊپ ۽ گهنڊڙين جي ڇڻ ڇڻ ان کي اندر داخل ٿيڻ کان روڪيندي. چنانچہ آفريڪا جي انهيءَ علاقي ۾ گهٽيئي اهڙا معصوم نظر اينداآهن، جن جون ڪچيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوه جي زنجيرن جي انهيءَ دائمي وڻڪار ۾ همیشه جهڪيل نظر ايندڙيون آهن.

۳- تيز هٿيارن تي بندش: برما ۽ زينگوبه جي اتر طرف هڪڙو پوڄاري بادشاه رهندو آهي، جنهن کي "سوتيه" قوم وارا روحاني ۽ دنيوي معاملات ۾ سڀني کان زياده اوچي اختيار وارو ڪري سمجهندا آهن. انهيءَ بزرگ هستيءَ جي گهر ۾ ڪوبه تيز ڌار وارو اوزار ڪٽڻ ڪڍڻ منع آهي. هن قانون جي سمجهاڻي شايد انهيءَ رسم جي ذريعي ڏيڻي سکهيءَ جا قصيءَ جي موقعي تي گهٽا ماڻهو ادا ڪندا آهن. جيستائين هو مئل ماڻهوءَ جي روح کي انهيءَ جاءَ تي موجود سمجهندا آهن، تيستائين هو ڪنهن به تيز هٿيار جي استعمال کان سخت پرهيز ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ ته متان هو بيخبريءَ ۾ ان روح کي ڪٽي زخمي ڪري وڇهن. ان ڪري بيرنگ اسٽريٽ جي ايسڪيمو قبيلي وارن جي ڪوئن ۾ جنهن ڏينهن کو ماڻهو مري ويندو آهي، انهيءَ ڏينهن کوبه ڪوٺ جو ماڻهو ڪو ڪار ڪري نٿو سگهندو آهي. ۽ مرحوم جي گهر جا ياتي پورن ٽن ڏينهن تائين انهيءَ پابنديءَ ۾ جڪڙيل رهندا آهن. انهيءَ عرصي ۾ ڪاڪونءَ يا ڪهاڙيءَ سان ڪنهن به جيز کي وڍڻ کان سخت منع هوندي آهي. ساڳيءَ طرح ڪنهن به ڇهنيدار تيز، جهڙوڪ سئيءَ يا نيزي وغيره کي به استعمال ڪرڻ کان منع ٿيل هوندي آهي. اهي خبرداريون روح کي زخمي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪيون ويندڙيون آهن، جنهن کي اڃا موجود سمجهيو ويندو آهي، جيڪڏهن انهن اوزارن جي استعمال ڪري ڪو روح زخمي ٿي ٿيو، ته پوءِ اهو سڄيءَ قوم تي ڪاوڙجي ويندو ۽ خواهمخواه مٿن ڪو مرض يا موت نازل ڪندو. انهن سڀني ڳالهين کان علاوه مئل ماڻهوءَ جي مائٽن کي اها به خبرداري ڪرڻي پوندي آهي ته انهن ڏينهن ۾ منجهائٽن کوبه تيز يا ڪرڙو آواز نه ڪري، چوته انهيءَ ڪري به روح ناراض ٿي ويندو آهي، يا وڃي پيچي ويندو آهي، جا پوءِ ڏاڍي خراب ڳالهه آهي." اسان اهو به ڏسي آيا آهيون ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ساڳيا ايسڪيمو سفيد 'ويل' مڇيءَ کي مارڻ کان پوءِ چئن ڏينهن تائين تيز چهنبدار ۽ تکيءَ ڌار وارن اوزارن کي استعمال ڪرڻ کان احتراز ڪندا آهن. ڇو ته ڪٿان 'ويل' جي رلندڙ روح کي ڪو زخم پهچي وڃي ته هو ڪائنڊ ڏيڻ يا ڪاوڙ ۾ اچڻ ڪنهن ئي پاسي هلي وڃي ۽ جڏهن انهن جو ڪو مائٽ بيمار هوندو آهي، تڏهن به هو اهڙن اوزارن کي استعمال نه ڪندا آهن، ته ڪٿان ان جو روح، جيڪو مريض جي خاڪي جسم کي ڇڏڻ جي سانباهن ۾ هوندو آهي ۽ ان لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ٻاهر ڦرندو رهندو آهي، تنهن کي ڪو نقصان پهچي ٻوي ۽ مريض قبل ازوقت اجل جو شڪار ٿي وڃي. ٽرانسلوانيا ۾ رهندڙ رومانيا جي باشندن جو جڏهن ڪو مائٽ مري ويندو آهي، تڏهن جيستائين هو ان کي دفن نه ڪندا آهن تيستائين هو اها خبرداري ڪندا آهن ته ڪو به چاڪون يا تيز ڌار وارو هٿيار زمين تي اهڙي نموني سان نه اڇلايو وڃي، جو ان جي ڌار ونئي ٿي ٻيهي، "جو ته ائين ڪرڻ سان، مئل مائٽ جي روح کي ٻئي جهان ۾ اهڙيءَ ئي تيز ڌار تان لنگهايو ويندو." ڪنهن به مائٽ جي مرڻ کان پوءِ ستن ڏينهن تائين، جيستائين لاش گهر ۾ رکيل هوندو آهي، تنهن جا مائٽ تيز ڌار يا نوڪ وارن اوزارن کي استعمال ڪرڻ کان سخت پرهيز ڪندا آهن، حتيٰ ڪ هو جانور به هٿن سان ڪاٽيندا آهن، جي هو رواجي طرح ڪائيءَ جي بن تيلين سان ڪاٽيندا آهن. پراڻي زماني ۾ پيرشيا (جرمني) ۾ لٿوانيا جا باشندا، پنهنجي ڪنهن مرحوم عزيز يا دوست جي مرڻ کان پوءِ ٽئين، ڇهين، نائين ۽ چاليهين ڏينهن، خاص ڪاڏو تيار ڪندا هٿ ۾ ڪائڻ کان اڳ دروازي تي ٻيهي، انهيءَ مائٽ جي روح کي اندر اچڻ جي دعوت ڏيندا هٿ. انهيءَ قسم جي دعوت ۾ سيٺي مائٽ ميز جي چوڌاري بلڪل خاموشيءَ سان ويهندا هٿ ۽ چمچي يا ڪانٽو استعمال ڪونه ڪندا هٿ. ڪاڏي جي دوران ۾ جيڪڏهن ڪو مانيءَ جا پرزا هيٺ زمين تي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندا هئا، تہ اهي اتي جو اتي ڇڏيا ويندا هئا، ڇو تہ هنن جو اعتقاد هو تہ ڪي اهڙا روح ۽ آتي ايندا هئا، جن جو هن دنيا ۾ ڪوئي پسماندو باقي ڪونہ هوندو هو، جيڪو سندن اهڙي دعوت ڪري. ڪاڏي ختم ٿيڻ کان ڪجهہ دير پوءِ، پادري ڀڻارو ڪئي انهن روحن کي اتان ميڙيندو هو ۽ چوندو هو "اي پيارا ارواحو هاڻي خوب کاڏو پيتو اٿو...هليا وڃو هليا وڃو" هاڻي اسان بخوبي سمجهي سگهون ٿا تہ برمي بادشاهہ جي گهر ۾ ڇو ڪوئي ٽيز يا مڊو وڌيندڙ اوزار ڪونہ ڪئي وڃي سگهيو آهي. هِن ڪيترن مقدس بادشاهن وانگر هن جي وجود کي ۽ مقدس سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري اهو لازمي آهي تہ سندس روح، جڏهن ۽ هن خاڪي پنجري مان آزادي حاصل ڪري، تڏهن پاڻهن فضا ۾ گهمندي- ڦرندي، يا ڪنهن دور دراز ملڪ ڏانهن ڦرواڙ ڪندي، انهن تيز اوزارن جي زد ۾ اچي زخمي نہ ٿي پوي.

رت ڪي پنڊ ڏيڻ: اسان مٿي ڏسي آيا آهيون تہ روح جي فلهين ديالس کي ڪچي گوشت کي هٽ لائڻ تہ ڏهيو ۽ ان جي نالي وانگ جي ۽ سخت منع ٿيل هئي. هندن جي برهمڻن کي ۽ انهيءَ ساڳئي قسم جي منع ٿيل آهي، يعني تہ ڪين ڪچي گوشت، رت ۽ ماڻهن جي وڏيل هڏن کي هرگز هرگز ڏسڻو نہ آهي. پوڳندا ۽ ڇاڙڻ ٻارن جي پيءُ کي، ٻارن جي جنم کان پوءِ ڪن ڏينهن لاءِ ڪنهن ۽ جاندار کي ڪهڻ ۽ رت ڏسڻ نظر وڃڻ جي سخت ممانعت ٿيل هوندي آهي. پيليوو جزبرن ۾ پڌهن کي دشمن قبيلو مٿن حملو ڪري، منڇاڻڻ ڪنهن ماڻهوءَ جو سر وڍي ڪئي وڃي ۽ ڪامياب ٿيندو آهي، تڏهن ڪنل ماڻهوءَ جي عزيزن کي، ان جي روح جي غصي کان محفوظ رهڻ لاءِ، ڪجهہ وقت ڪن پابندين اندر رهڻو پوندو آهي. ڪين هڪڙي جڳهہ گهر ۾ بند ڪيو ويندو آهي، جتي هو اهي سوپارڙون ڇاڙيندا رهندا آهن، جن تي انهن جي جادوگر کو منتر ڦوڪيو هوندو آهي. انهيءَ عرصي ۾ ڪين ڪچي گوشت کي ڇهڻ جي سخت منع ٿيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي آهي. انهن رسمن جي پوريءَ طور ادا ڪرڻ کان پوءِ مقتول جو روح اتان هليو ويندو آهي، ۽ دشمن کان بدلي وٺڻ لاءِ ڏوڙي وڃي ان جي پٺيان پوندو آهي. بندش جي اها رسم شايد انهيءَ اعتقاد تي مبني آهي ته جانورن جو روح سندن رت ۾ هوندو آهي. جيئن ته اهڙا ملڪهو جن تي جيتر بندشون عائد ٿيل هونديون آهن تيتر اهي ضررناڪ سمجهيا ويندا آهن ـ مثلاً مقتول جي ماڻڻ تي ڪاوڙيل روح جي حملي جو هر وقت امڪان رهندو آهي ـ ان ڪري هنن ڪي اوترو وقت روحن جي لهوچڙ کان دور رکڻ بيحد ضروري سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ سبب جي ڪري ئي ڪين ڪچي گوشت کي هٿ لائڻ کان ممانعت ٿيل هوندي آهي. پين بندشن وانگر هيءَ بندش پڻ عام قانون جي اظهار جي هڪڙي خاص صورت آهي، ۽ لفظن ۾ جيتوڻيڪ ڪن خاص ضروري حالتن ۾ ان جي تعميل جو مٿن زياده شديد تاڪيد ٿيل هوندو آهي، ۽ هونئن رواجي طرح، روزمره جي زندگيءَ ۾ پڻ، هن بندش تي هڪ عام قانون جي حيثيت ۾ باقاعدي عمل ڪيو ويندو آهي ـ جيتوڻيڪ اهڙيءَ حالت ۾ ان جي تعميل ايتري سخت ڪانه هوندي آهي. ان ڪري ايسٽونيا جا رهاڪو ڪڏهن به جانور جو رت ڪونه چکندا آهن، ۽ جوتم انهن جي اعتقاد مطابق ان ۾ جانورن جو روح سمايل هوندو آهي، جو رت چکندڙ جي وات مان سندس بدن ۾ داخل ٿي ويندو. اتر آمريڪا جي وحشي ڪاڙهن هندستانين جي ڪن قبيلن وارا "پنهنجي مذهبي قاعدي مطابق هر جانور جي رت کائڻ کان هميشه پرهيز ڪندا آهن، ۽ جوتم هو سمجهندا آهن ته ان ۾ ذبح ٿيل ڏور جو روح ۽ زندگي سمايل ٿئي ٿي." يهودي شڪاري، شڪار ٿيل جانور کي ڪهي، ان جو سڄو رت وهائي، مٿس مٽي وجهي، ان کي ڏکي چڏيندا هئا، هو ڪنهن به صورت ۾ ان جي رت کي ڪونه چکندا هئا، ۽ جوتم هو سمجهندا هئا ته ان ۾ جانور جو روح يا جان سمايل آهي، يا ڪن حالتن ۾ هو ائين به چوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿا ته خود رت ئي ان جو روح يا جان آهي.

اهو ته هڪ عام قاعدو آهي ته شاهاڻي رت کي زمين تي وهڻ نه ڏجي. ان ڪري ڪنهن بادشاه يا شاهي خاندان جي ڪنهن فرد کي قتل ڪرڻ جي صورت ۾ اڪثر اهڙي ترڪيب اختيار ڪئي وئي آهي، جيئن شاهاڻي خون جو هڪ قطرو به زمين تي نه ڪري. سال ۱۶۸۸ع ۾ سيام جي بادشاه جي سپهه‌سالار پنهنجي آقا جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. ٽوري گهٽي مقابلي کان پوءِ "هن بادشاه کي گرفتار ڪري، اهڙي طريقي سان مارائي ڇڏيو، جهڙي طريقي سان ڪنهن شاهي ڏوهاريءَ يا شاهي خاندان جي انهن ملزمن کي، جن تي قتل جو الزام لڳل هوندو آهي، ماريو ويندو آهي. اهو طريقو هيءُ آهي ته اهڙي بدنصيب بادشاه يا شهزادي کي لوهه جي وڏي ڊيگ ۾ وجهي، ڪاٺ جي مضبوط ڏنڊن سان ڪٽي بلڪل قيمو ڪيو ويندو آهي، چو ته انهن جي مذهبي قانون مطابق، شاهاڻي رت سان مٽي گڏجي وڃي ۽ اهو ناپاڪ ٿي پوي، ان جي سخت منع هوندي آهي." جڏهن تاتارين جي عظيم بادشاه قبلائي خان پنهنجي چاچي "ناياڻ" کي، جنهن هن جي خلاف بغاوت ڪئي هئي، شڪست ڏيئي گرفتار ڪيو هو، تڏهن "خان" هن کي موت جي سزا ڏني هئي، سندس موت جو اهو طريقو مقرر ڪيو ويو هو ته ناياڻ کي ڪٺي ۾ ويڙهي، مضبوط ٻڌي، تيستائين هيڏانهن هوڏانهن لوڏيو ۽ ڇاڇوليو وڃي، جيستائين ڏونڊالجي ڏونڊالجي سندس ساهه نه نڪري وڃي. "جو ته قبلائي خان کي اها ڳالهه هرگز منظور ڪانه هئي ته سندس شاهي پشت مان ڪنهن فرد جو رت، سج جي ديوتا جي روبرو، مٽيءَ ۾ ملايو وڃي، ۽ ان کي مقدس آسمان جي نظرن ۾ اهڙيءَ طرح ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي." "عيسائي پادري، رائگولبي تاتارين جو اهو اصول هيئن ٿو بيان ڪري: 'هڪ خان تخت حاصل ڪرڻ لاءِ پئي کي مارينڊو ضرور، پر انهيءَ ڳالهه جي سخت خبرداري ڪندو ته ان جو رت ڪنهن طرح نه وهايو وڃي، جو ته هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندا آهن تہ کنهن ۾ وڏي خان جي رت کي زمين تي هارڻ بلڪل ناجائز آهي، ان کري هو خان کي هوسائي مارڻ جو ڪو نہ ڪو ڪامياب طريقو ضرور ايجاد ڪري وجهندا آهي. برما جي شاهي دربار ۾ به ساڳئي قسم جا خيال موجود ڏٺا ويا آهن، جتي شاهي خاندان جي شهزادن جي مارڻ لاءِ هڪ خاص نمونو مقرر ٿيل آهي، جنهن ۾ ان ڳالهه جي ڏاڍي خبرداري ڪئي ويندي آهي، تہ ڪنهن طرح شاهاڻي رت جو قڙو ۽ هيٺ پٽ تي نہ ڪري."

شاهاڻي رت کي زمين تي نہ ڪيرائڻ جي هي جوڪا بندش آهي، سا انهيءَ عام عقيدي جي هڪ خاص صورت آهي، جنهن مطابق رت وهائڻ يا ڪم از ڪم ان کي زمين تي ڪيرائڻ کي عام طرح هڪ قبيح ۽ ممنوع فعل سمجهيو ويندو آهي. يارڪوپولو* چوي ٿو تہ سنڌ ۾ جڏهن ڪنهن کي ماڻهوءَ کي ڪئپيٽل (پيڪنگ) جي گهٽين ۾ رات جو بيگاه وقت ۾ پڪڙيو ويندو هو، تہ جاچ جوچ کان پوءِ جيڪڏهن هن کي ڪنهن بدتميزيءَ، جو ڏوهيار سمجهيو ويندو هو، تہ کيس ڏنڊي سان مار ڪيي ويندي هئي. "انهيءَ سزا ۾ ڪيترا ماڻهو مري ۽ ويندا آهن. پر هو اهو رستو ان کري اختيار ڪندا آهن، تہ جيئن رتوچاڙ کان بچاءُ ٿئي. چو تہ انهن جا مذهبي ڪتاب چون ٿا تہ ماڻهوءَ جو رت وهائڻ سخت گناهه آهي ۽ بري ڳالهه آهي." انگلنڊ جي مغربي سسيڪس ضلعي وارا چوندا آهن تہ جنهن زمين جي ٽڪر تي ماڻهوءَ جو رت هاريو ويندو، اهو هميشه لاءِ ٻيڻيل ۽ منحوس رهندو ۽ ان تي ڪا به آبادي ڪانہ ٿيندي. ڪن قديمي ماڻهن جي رسم مطابق، جڏهن ۽ سندن قبيلي جي ڪنهن ماڻهوءَ جو رت ڪيڏو ٻوندو ائن، تڏهن هو انهيءَ رت کي اهڙي نموني سان ڪيڏندا آهن، جيئن ان جو هڪ قطرو به زمين تي نہ ڪري، پران جي بدران اهو سڄو رت، قبيلي جي ٻين ماڻهن جي جسمن تي ئي ٻوي. آسٽريليائي قبائلين ۾ کي جڏهن چوڪرن جو طهر ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن سندن

* جڳ-مشهور سياح، جنم: وينس (اٽلي) - ۱۲۵۴ع؛ وفات ۱۲۹۹ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو هڪٻئي سان ساهڙي ٿيوڻي سان لڳي سهندا آهن، جو هڪ وڏو ٽلهو نٿي پوندو آهي ۽ طهر وارن چوڪرڻي ڪيڙن جيڏن ماڻهن جي آهڙي ٽلهي مٽان وڌيڪ، پوءِ بندس طهر ڪيو ويندو آهي، جنهنڪري هن جي جسر منجهان خارج ٿيندڙ سموري رت سندس هم قوم وارن جي جسر ۾ ٿي ڪرندو آهي. وري جڏهن اهي قبائلي پنهنجي قوم جي ڪنهن نوجوان کي قوم جو رسمي داخلا ڏيڻ لاءِ هن جي ڏند ڇڻڻ جي رسم ادا ڪندا آهن، تڏهن ان کي ڪنهن وڏي مرد جي ڪلهن ٿي ويهاري پوءِ ان جو ڏند ڇڏندا آهن. ڏند ڪڍڻ سان جيڪو رت نڪري ٿيئڻين ماڻهوءَ جي ڪلهن يا ڇاتيءَ تي ڪرندو آهي، تنهن کي هو نه اگهندو آهي ۽ نه وري ڏوئي صاف ڪندو آهي. "گال قوم وارا پنهنجن دشمنن جو رت پيئندا ۽ هٿا ۽ ان کي پنهنجن جسمن تي ۽ ڪپڙن هٿا، وري آهو ۽ لکيو ويو آهي ته آئرلينڊ جا قديمي باشندا ۽ ائين ڪندا هٿا، ۽ سون آئرلينڊ جي ڪيترن ماڻهن کي ائين ڪندو ڏٺو ۽ آهي. پر دشمن جو رت هو نه پيئندا آهن، پر پنهنجن دوستن ۽ پيارن عزيزن جو پيئندا آهن. مثال طور، ليمرڪ وٽ هڪ مشهور ۽ معروف باغي، مسٽر اوبرائين، جي گردن زدني ۽ وقت سون هڪ پوڙهي عورت کي، ان جي ويڊل سسي ڪٽي، منجهائس سڄو رت چوسيندو ڏٺو. هن چيو ته زمين انهيءَ رت کي پيئڻ جي لائق نه آهي، جنهنڪري هن اهو سڄو رت چوسيو ۽ منهن ۽ ڇاتيءَ تي ملڻ رت پيئندي، هن پنهنجا وار به پٽي پٽيا ۽ ڏاڪ پريون دانهون ۽ ڪوڪون به پٽي ڪيون. جنهن زمين جي ڪڙي تي ڪنهن وڏم واريءَ عورت جي رت جو ڪو قطرو ڪري پوندو آهي، ان کي آفريڪا جي "لاٽوڪا" قبيلي وارا لوه جي ڪوڏر سان ڪڙي، انهيءَ پاڻيءَ سان ڳڏ. جيڪو انهيءَ بار واري عورت کي ڏوڻ وغيره ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، ٻکر جي ڪنهن برتن ۾ بند ڪري، گهر جي باهرئين دروازي جي ڏاڻي پاسي ڪاڻي هيٺ پورو دفن ڪري ڇڏيندا آهن. اولهه آفريڪا ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي رت جارڪجهه قطرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين تي ڪري پون، تہ ڪيس هڪدم انهن کي اتان پير سان ڪڙي مٿي ۽ هيٺان پوري ڇڏڻو پوندو آهي، پر جيڪڏهن اهي ڪنهن وڻ يا ٻڙي ۽ جي پاسي ۾ ڪرندا آهن، تہ ٻڙي ۽ يا وڻ مجو اهو رت هاڻو ٿڪر وڌي ان کي ساڙي ڇڏڻو پوندو آهي. آفريڪي علائقن جي انهن رواجن جو هڪ مطلب هي ۽ نظر اچي ٿو تہ ستان اهو رت ڪنهن شرير قسم جي جادوگر يا ڏوٽي ڦيٽي ڪرڻ واري جي هٿ لڳي ۽ اهو ان سان کو اهڙو ضرر ناڪ ڪم وڻي، جو زخمي ۽ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿئي. اهو ئي سبب آهي، جو اولهه آفريڪا جا ماڻهو زمين تي ڪريل رت کي اتي جو اتي پير سان اڳهي ڇڏيندا آهن، ۽ جنهن وڻ جي ڪاءِ ۽ تي رت ڪرندو آهي، ان کي وڌي ساڙي ڇڏيندا آهن. اهڙي ئي قسم جي جادوگرن جي ڊپ ڪان نيوگائنا جا ماڻهو هر انهيءَ شاخ، ٿن، ٻوٽي يا اکڙيءَ کي، جنهن تي سندن رت ڪريو هوندو آهي، خبرداريءَ سان ساڙي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو رت زمين تي ڪرندو آهي، تہ زمين جي انهيءَ ٽڪري کي کوڙ سان کوٽي، مٿيءَ کي وڏي هيٺ مٿي ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪان پوءِ انهيءَ جاءِ تي ٻاهه ٻاري ويندي آهي. مٽاڻاگاسڪر جي "بيٽيليئو" قبيلي واري ۾ هڪڙن ماڻهن جي جماعت، جنهن کي "رامنگا" يا "نيلو رت" چوندا آهن، عجيب و غريب قسم جا فرائض سر انجام ڏيندي آهي. امير، شهزادن ۽ شاهي خاندان سان سڌو تعلق رکندڙ ماڻهن جا وڏيل ننهن کاڻ ۽ انهن جي هاريل رت کي جڏن انهن جي منصبي فرض ۾ شامل هوندو آهي. جڏهن به امير ۽ سردار ٻنهنجا ننهن وڏائيندا آهن، تڏهن انهن ننهن جا آخرين ذرا به ميڙي سڙي اهي "رامنگا" ڪرکائي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن ننهن جا وڏيل ٽڪرا وڏا هوندا آهن، تہ پوءِ اهي ماڻهو انهن ٽڪرن کي سنهو ڪري يا انهن جو چورو ڪري، پوءِ ٽڪيندا آهن. وري جيڪڏهن شاهي خاندان جو ڪوئي فرد، يا امير وغيرہ، ننهن وڌيندي، يا ڪنهن تيز دار واريءَ جڙ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير ڏيڻ ڪري ٻنهنجو رت ڪيڏي وجهندو آهي، تہ ان حالت ۾ 'رامنگا' هن جو رت هر هر چٹيندا رهندا آهن، وڏن خاندانن جا امير انهن نيچ طبقي وارن کان سواءِ ڪڏهن ۽ ٻاهر ڪين نڪرندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڪنهن حالت ۾ هو دستياب نہ ٿي سگهندا آهن، تہ پوءِ وڏيل ننهن ۾ هيٺ ڪريل رت، منّيءَ سميت، ڪٹي هڪ هنڊ محفوظ رکيا ويندا آهن، ۽ پهرينءَ فرصت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن رامنگا کي کارايا ويندا آهن. انهيءَ ملڪ جو هرڪوئي امير، ننڍو وڏو، انهيءَ رسم جي سختيءَ سان پوئواري ڪندو رهندو آهي. انهيءَ رسم جو مقصد فقط رهيءَ تہ نظر اچي تہ جيئن اهي شيون ڪنهن جادوگر کي نہ هٹ اچن ۽ هو انهن سان ناجائز ڪم وٹي، قرابتي جادوءَ جي اصول مطابق ڪيئن ڪوبہ نقصان نہ پهچائي.

زمين تي رت وهائڻ کان ايتري احتراز جو مجموعي سبب شايد هيءَ ٿي سگهي ٿو تہ اوائلي ماڻهن جو هيءَ اعتقاد هو تہ رت ۾ انسان يا جانور جو روح سمايل آهي. جنهنڪري اهو جنهن ۽ زمين جي ٽڪر تي ڪرندو، اهو ان جڳهہ تائين مقدس يا اگرو ٿي پوندو. نيوزيلنڈ ۾ جنهن ۽ زمين جي ٽڪر تي ڪنهن وڏي سردار جي رت جو هڪ قطرو ۽ ڪرندو آهي، سو پاڪ سمجهيو ويندو آهي. مثال طور، اتان جي مقامي ماڻهن جو هڪ گروه هڪ دفعي ٻنهنجي سردار جي نياڻ حاصل ڪرڻ لاءِ آيو، ۽ پاڻ سان گڏ هڪ خوبصورت ٻيڙي آندي هٹائون، جنهن ۾ سردار برڪت جا قدم ڦيرائڻ لاءِ آيو. اتفاق سان جيئن هو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي رهيو هو، تيئن ان مان هڪ چوڏو هن جي پير ۾ چپي ويو. جنهنڪري رت جا ڪجهہ قطرا نڪري ٻيڙيءَ جي ڪاٹيءَ کي لڳي ٻاهر ٻيڙيءَ جو مالڪ هڪدم ٻيڙيءَ مان ٽپو ڏيئي هيٺ لهي ويو، ۽ ٻيڙيءَ کي ٻاڌيءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائون، ۽ ان کي گهلي ٿيئي سردار جي گهر جي سامهون ٿنو ڪري چڏيائون، چوتہ اها پاڪ ٿي ٻيٺي هٹي ۽ ٻئي ڪنهن ۽ ڪم لاءِ هاٹي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڪار هئي. هڪ دفعي وري کو سردار هڪ عيسائي مبلغ جي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ چيٽ هيٺ هٿ سبب هن جو ٽڙو چٽ جي شهتير سان لڳو. جنهنڪري هن جي مٿي ٻان رت نڪري هيٺ ٽمڻ لڳو. ان تي وحشين هڪدم دانهن ڪري چيو ته "اڄڪلهين زماني ۾ اهو گهر انهيءَ سردار جو هوندو!" اهڙيءَ طرح وحشي ماڻهو سردارن ۽ بادشاهن جي رت کي زمين تي هارڻ کان خاص اجتراز ڪندا آهن. ۽ شروعات ۾ اهو وهم عام جام هوندو هو. هڪ ماڻهوءَ جي رت کي زمين تي ڪيرائڻ کان سخت پرهيز ڪئي ويندي هئي. تان جو زماني گذرڻ کان پوءِ، جيئن هرقسم جي پرهيزن ۽ بندشن جي حالت ۾ ٿيندو آهي، هن پرهيز جي تيزي ۾ ڏري ٿيندي ويئي. عام ماڻهو ان تي سختيءَ سان عمل ڪري ڪونه سگهيا، جنهنڪري آهستي آهستي انهيءَ پابنديءَ کي خير باد چئي بنهه ترڪ ڪري ڇڏيو. ۽ ڪيترن زمانن جي باوجود، ڪافي عرصي تائين، ويندي ڪئي ڪئي اڄا تائين ٿي، سردارن ۽ بادشاهن سان اهو قانون لاڳو رهندو پئي آيو آهي.

۵. مٿي تي بندش: ڪيترن ملڪن جا ماڻهو انساني مٿي کي خاص طور پاڪ ڪري سمجهندا آهن. اها خاص پاڪائي ان ڏاڍهن هن سبب ڪري منسوب ڪئي ويندي آهي، جو عام اعتقاد آهي ته مٿي ۾ اهڙو روح مقيم رهي ٿو، جو بعزتيءَ يا ڏک پهچن ڪري ڏاڍو رنج ٿئي ٿو ۽ پين اهڙين گالهين جي سلسلي ۾ ان تمام حساس ٿئي ٿو. ان ڪري "يورپ" ۾ ٻولي وارا چوندا آهن ته هڪ ماڻهوءَ جي اندر ۾ روح رهن ٿا. جن مان هڪ مٿي ۾ رهندو آهي. انهيءَ کي "اولوري" چوندا آهن. جو انسان جو محافظ، رهنما ۽ سنياليندڙ ٿئي ٿو. انهيءَ روح کي خاص طرح پڪين جا نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن. انهن جو رت تاريل جي تيل سان ملائي واسطيدار ماڻهوءَ جي پيشانيءَ کي ٽڪيو ويندو آهي. ٻيا جا "ڪيرين" قبيلي وارا سمجهندا آهن ته انسان جي دماغ جي مٿين حصي ۾ "ٽسو" نالي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاندار رهي ٿو. اهو جاندار جيستائين پنهنجي اصليءَ جاءَ تي محڪم رهي ٿو، تيستائين ماڻهوءَ کي 'حرص جي ستن پوتن' طرفان ڪو به نقصان نٿو پهچي سگهي. "پر جيڪڏهن اهو 'لسو' ملوڪو يا ڪمزور ٿي پوي ٿو، ته پوءِ ان ماڻهوءَ کي ڪو نه ڪو ڇيهو ضرور پهچندو. ان ڪري مٿي جو خاص خيال رکيو ويندو آهي ۽ ان کي اهڙو لباس پهرايو ويندو آهي، جيڪو انهيءَ 'لسو' کي پسند نه ٿئي جهڙو هجي." سياسي چوندا آهن ته ماڻهوءَ جي مٿي ۾ هڪ روح، "خوڻان" يا "ڪئون" رهي ٿو، جو ان جو محافظ آهي. انهيءَ جساس روح کي هرقسم جي ڏڪ کان بچائڻ گهرجي، جنهنڪري وارن ڪوڙائڻ يا وڍائڻ وقت ڪيترين رسمون ادا ڪرڻيون پونديون آهن. اهو "ڪئون" عزت آبروءَ جي معاملي ۾ ڏاڍو حساس ٿيندو آهي، جنهنڪري واسطيدار ماڻهوءَ جي مٿي کي جيڪڏهن ڪو اجنبي رڳو هٿ لائيندو آهي، ته به هو پنهنجي سخت توهين سمجهندو آهي. ڪمبوديا جا ماڻهو اهڙيءَ جاءَ ۾ داخل ٿين کان انڪار ڪندا آهن، جتي سندن مٿي مٿان چت مان ڪا چيز لٽڪندي نظر ايندي آهي. اتان جو نيچ ۾ نيچ ۽ ڪمزور ماڻهو به ڪنهن اهڙيءَ جاءَ ۾ رهڻ هرگز پسند نه ڪندو، جتي هن جي چت مٿان ڪو ٻيو ماڻهو رهندڙ هوندو، ان ڪري اتي صرف هڪ منزلہ جايون ٺهيل هونديون آهن، خود اتان جي حڪومت به انهيءَ اعتقاد جو احترام ڪندي آهي ۽ ڪنهن قيديءَ کي اهڙيءَ طرح چت جي هيٺان رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو ويندو آهي. ملايا وارن وٽ ساڳيائي وهم موجود آهن، اڳئين زماني جو هڪ سياڻ لکي ٿو ته "جاوا جا ماڻهو مٿي تي ڪجهه به نه پائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته مٿي تي ڪجهه به نه رکڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو به ماڻهو جاوا جي باشندي جي مٿي تي هٿ رکندو ته هو ان کي قتل ڪرڻ کان به ڪو نه ڪندو، اهي هڪ کان وڌيڪ منزلن واريون جڳهون ان ڪري ڪو نه ٺهرائيندا آهن ته جيئن ڪنهن هڪ ئي جي مٿان رهڻ ۽ هلڻ جو موقعو پيدا نه ٿئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي پاليٽيشيا ۾ مٿي جي متعلق ساڳئي قسم جو وهم موجود ڏاڍو وڏي ٿو. ساڳئي طرح مارڪيس پيڻ جي سردار، گالينا، لاءِ چيو وڃي ٿو ته "هن جي مٿي کي، يا ڪنهن اهڙي شيءَ جي هٿ لائڻ، جيڪا هن جي مٿي سان ڪڍهن لڳي هجي، دنيا ۾ عظيم ترين گناه سمجهيو ويندو آهي. ان جي مٿي کي اورانگهي لنگهڻ اهڙي هتڪ ۽ بيعزتي آهي، جا ناقابل معافي آهي." اتان جي هڪ پوجاريءَ جي پٽ جي وارن ۽ مٿي تي ڪي دفعي ڪنهن ٻڌي قطرا پاڻيءَ جا اڇلايا، جنهن ڪان ٻڌڻ هو زمين تي ليٽڻ پائيندو، رڙيون ڪندو ۽ منهن مٽو ٿيندو نظر آيو، چو ته ڪنهن گستاخ سندس 'خدائي خصلت' جي بيعزتي ڪئي هئي، پر نه فقط هتان جا سردار يا پوجاري انهيءَ باري ۾ تقدس جا صاحب آهن، ۽ مارڪيس پيڻن جي هرهڪ باشندي جو مٽو ٿنهنجي جاءِ تي پاڪ سمجهيو ويندو آهي، جنهنڪري ڪنهن کي به ڪنهن جي مٿي کي ڇهڻ يا ان کي اورانگهي لنگهڻ جي اجازت ڪانهي. ڪو پيءُ به ٿنهنجي ستل پٽ جي مٿي کي ڪوٺ، اورانگهيندو آهي. ڪنهن به عورت کي اهڙيءَ ڪنهن شيءَ کي هٿ لائڻ يا ڪٽڻ جي اجازت ڪانهي، جيڪا ان جي پيءُ يا مڙس جي مٿي سان ڪڍهن لڳل رهي هوندي، يا ان جي مٿان لٽڪيل رهي هوندي. ٽونگا جي بادشاه جي مٿي کان مٿي ڪي ويهڻ جي ٿنهن، اجازت ڪانه هوندي هئي. ٽاهٽيءَ جي بادشاه يا راڻيءَ جي مٿي جي مٿان جيڪڏهن ڪو هٿ جهلينده هو، ته ان کي موت جو مزو چکايو ويندو هو. ٽاهٽيءَ جي نئين چاول ڪار جي سلسلي ۾ جيستائين کي خاص رسمون نه ادا ڪيون ويندیون هيون، تيستائين ان جي مٿي کي ڪو به هٿ ڪوٺ لڳائيندو هو. ان کان اڳ جيڪا به شيءِ اهڙي ڪار جي مٿي سان لڳندي هئي، سا مقدس سمجهي ويندي هئي، ۽ ان کي ڪار جي بستري جي نزديڪ ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي رکيو ويندو هو، جنهن کي چوڌاري پٿلوڙو ڏيئي چڏيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪار جي مٿي کي ڪا وڻ جي ڏاري لڳي ويندي هئي، ته ان ڏاريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي وڌيو ويندو هو، پر جيڪڏهن اها شاخ ڪرڻ وقت ٻئي ڪنهن پرسان واري وڻ ڪي لڳي پوندي هئي ۽ ان جي ٽڙ جي چوڌاري ڪي رهنڊي وجهندي هئي، تہ پوءِ ان وڻ ڪي ۽ وڌيو ويندو هو، چو تہ پوءِ اهو ۽ استعمال جي قابل نہ سمجهيو ويندو هو. ٽاهڻيءَ جي ماهندي جو مٿو هميشہ لاءِ پاڪ سمجهيو ويندو هو، ۽ هو ان جي مٿان نہ تہ ڪا چيز رکي ڪٽي سگهندو هو ۽ نہ وري ان ڪي هٿ لائي سگهندو هو، چو تہ اهو ۽ هڪ ڏوه جو ڪم سمجهيو ويندو هو. "ماڻوري" قبيلي جي سردار جو مٿو ايترو قدر تہ پاڪ هو، جو "جيڪڏهن هو پنهنجي مٿي ڪي آڳرين سان ڇهي وجهندو هو، تہ ان ڪي هڪدم پنهنجون آڳريون نڪ جي ناسن اڳيان جهلي زور سان سنگهڻو پوندو هو تہ جيئن مٿي جي پاڪائي، جيڪا هن جي آڳرين ڪي لڳي پيئي هئي، سا ساه رستي وري پنهنجيءَ اصلوڪيءَ جاءِ تي وڃي پهچي." ماڻوري سردار جي مٿيءَ جي پاڪائيءَ سبب "هو ٻاهه ڪي ڦوڪ ڏيئي ٻاري نہ سگهندو هو، چو تہ مٿي جي ڪري ان جو ساه ۽ پاڪ هو، ۽ ساه جي ڪري اها ٻاهه ۽ پاڪ ٿي ويو ها، ۽ پوءِ مبادا اتان کا ٻاهه جي ٻريل ٻڌي کي بدنيت غلام يا ٻئي ڪنهن قبيلي جو ڪو دشمن ماڻهو ٻاهر ڪٽي وڃي يا مٿان خود اها ٻاهه رڌڻ پچاڻ جي ڪم آندي وڃي!۔ ۽ جي ائين ٿيو تہ اهو سردار يقيناً مري ويندو."

۲۔ **وارن ڪي بندش:** جنهن صورت ۾ ماڻهوءَ جو مٿو اهڙو پاڪ هو، جو ان ڪي هٿ لائڻ ۽ عظيم گناه هو، ان حالت ۾ وارن جو وڌڻ تہ واقعي تنهان ٿي زياده نازڪ ۽ ڏکيو مسئلو ٿيي ٿي سگهيو. وحشي ماڻهن جي خيال مطابق، انهيءَ مسئلي جا ٻہ پهلو آهن ۽ ان ۾ تن قسمن جا خطرا ۽ تڪليفون سمايل آهن. هڪ تہ ان حالت ۾ "مٿي جي روح" جي آرام ۾ خلل پوڻ جو انديشو رهي ٿو، جنهنڪري آهو هر اهڙي ماڻهوءَ ڪان بدلي وڻ لاءِ آماده رهي ٿو، جو ان ڪي اهڙي نموني سان تڪليف ڏئي ٿو يا خراب خوار ڪري ٿو، جو تہ خود لٽل وارن جو نيڪال هڪ وڏو ۽ ڏکيو مسئلو ٿي پوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جو ته هڪ وحشيءَ جو اهو پختو اعتقاد آهي ته سندس جسم ۽ ان جي مختلف حصن ۽ عضون جي درميان اهڙو ته هم آهنگيءَ جو رابطو قائم آهي، جو انهن جي هڪئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ به، جيڪو هڪ کي نقصان پهچايو ويندو، ان جو اثر ٻئي تي به لازمي طور پوندو. هن باري ۾ وار انساني جسم جو هڪ انتهائي اهم حصو آهن، ۽ ننهن وانگر اهي به جسم کان بغير ڪنهن ظاهري تڪليف جي جدا ٿي سگهن ٿا! ان ڪري هو اها خبرداري ڪندو آهي ته سندس جسم جا اهڙا حصا اهڙين جاين تي ڦٽا ڪيا وڃن، جتان اهي سندس ڪنهن دشمن کي هٿ لڳن ۽ هو انهن تي جادوءَ جو اثر وجهي کيس نقصان پهچائي، يا هن جي موت جو سامان تيار ڪري. اهڙي قسم جا خطرا هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ عام هوندا آهن، پر مقدس ماڻهن کي انهن مان عام ماڻهن جي نسبت، زياده خطرو لاحق رهي ٿو، جنهنڪري انهن لاءِ جيڪي بندشون، رڪاوٽون يا حفاظتي تدبيرون مقرر ڪيون ويڻون آهن، سي به نسبتاً زياده سخت هونديون آهن. قديم فرانسيسي بادشاهن کي وار ڪترائڻ نه ڏنا ويندا هئا ۽ جڏهن کان وٽي مرڻ تائين انهن کي جيئن جو تيئن وار رکائڻا پوندا هئا، ايترن سارن زلفن کي، جي سندن ڪلهن کان هيٺ ڪريا پيا هوندا هئا، ڪترائڻ، هنن لاءِ تخت جي حق کان محروميءَ يا دستبرداريءَ جي مترادف هو. جڏهن 'ڪلاڊيس' جي لالچي ۽ ظالم پائرن 'ڪلوٽيئر' ۽ 'چائيلد بيرٿ' پنهنجي مرحوم پاءُ جي تخت کي قبائڻ ۽ پنهنجي معصوم پائٽين کي انهيءَ وراثت کان محروم ڪرڻ جي نيت ڪئي، تڏهن هنن سڀ کان پهرين پنهنجن پنهنجن ننڍڙن پائٽين کي وٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، ان کان پوءِ هنن پنهنجي هڪڙي قاصد کي تلوار ۽ ڪٽڻي سان ڏيئي، چوڪرن جي نانيءَ راڻي ڪلوٽائيلڊ ڏانهن پئرس موڪليو، جنهن وڃي ان کي اهي ٻئي جيزون ڏيکاريون ۽ چيائين ته "يا ته چوڪرن جا وار ڪترائي انهن کي زنده رهڻ ڏي، يا ته پنهنجن حياتيءَ تان هٿ کڻ ۽ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا وار رکڻ ڏي!" مغرور ۽ متڪبّر راڻيءَ معصوم شهزادن جي حياتيءَ جي بدلي ۾ ٻ سندن وار کوڙڻ کونہ ڏنا ۽ ۽ پوءِ شهزادن جي ظالم جاچي، ڪيلوڊيئر، واقعي پنهنجي هٿن سان شهزادن کي قتل ڪري ڇڏيو. ڪئرولين پنهن مان پونيپ پيٽ جي بادشاه ۽ سندس درٻارين، اميرن ۽ وزيرن کي دراز زلف رکڻا پوندا آهن، جي سندن ڪلهن کان ٻ هيٺ ڪريل هجن گهرجن. اولهه آفريڪا جي "هوز" قبيلي وارن شيدين جي "پادرين کي سڃيءَ چمار تائين مٿي ٿي پاڪي ڦيرائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. جيڪڏهن وار تمام وڏا ٿي ويندا اٿن، تہ پوءِ کين پنهنجي ديوتا کي منت ميڙ ڪرڻي پوندي آهي تہ هنن کي ڪم از ڪم وارن جي ڇڙين ڪترڻ جي اجازت ڏني وڃي. هوچوندا آهن تہ ماڻهوءَ ۾ جيڪو ديوتا مقدم رهي ٿو، سو هن کي وارن وڌائڻ جي ڪڏهن به اختياري کونہ ڏينداوآهي، پر جيڪڏهن کوانهيءَ حڪم جي عدولي ڪندو، تہ کيس موت جي سزا ملندي. دراصل ماڻهوءَ جي ديوتا جي رهڻ واري جاءِ سندس وارن ۾ ئي سمجهي ويندي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن انهن کي وڍيو يا ڪوڙيو ويندو، تہ اهو ديوتا بي-گهر ٿي پوندو ۽ دربدر ٿي ويندو". 'ماسائي' قوم وارن کي، جن کي مينهن وسائڻ جي طاقت جو مالڪ سمجهيو ويندو آهي، ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي، چو تہ هو انهن سمجهندا آهن تہ سندن مينهن وسائڻ جي قوت ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ هوندي آهي. انهيءَ قوم جو سردار اعظم ۽ سڀئي جادوگر، ان سبب کان، انهيءَ قانون جي پوري تعميل ڪندا آهن. هنن کي اهو وهم هوندو آهي تہ جيڪڏهن هو پنهنجين ڏاڙهين جا وار ڪٽي ڇڏيندا، تہ سندن ڪرامتي طاقتون ناس ٿي ويندیون.

ڪن وقتن تي وري اڌڙا ماڻهو، جيڪي ڪنهن دشمن کان انتقام وٺڻ لاءِ قسم کڻندا آهن، سي جيستائين پنهنجو قسم پورو نہ ڪندا آهن، تيستائين وار نہ وڌائيندا آهن. اهڙيءَ طرح، مارڪيس پيٽن وارن لاءِ چيو ويندو آهي تہ "ڪڏهن ڪڏهن هو، ڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻيءَ کان سواءِ، جا مٽي جي بلکل چوڻيءَ وٽ هوندي آهي، سڄو مٽو صاف ڪرائي ڇڏيندا آهن. اها چوڻي ڪن وقتن تي ڪليل ڇڏي ڏيندا آهن، تہ ڪڏهن وري ڪنهن ويجهي عزيز جي قتل يا موت جي بدلي وڻ جو قسم ڪٽي، هو ان کي ڪنڊي ڏيئي ڇڏيندا آهن. ان حالت ۾ هو جيستائين پنهنجو قسم پورو ڪونہ ڪندا آهن، تيستائين اها چوڻي نہ وڌائيندا آهن." قديم زماني جا جرمن ۽ اهڙي قسم جي رسم ادا ڪندا هئا. ڪاڙهين هندستانين جي "چاٽي" قبيلي وارن جا نوجوان جوڌا، جيستائين پهريائين دشمن جي ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي قتل نہ ڪندا آهن، تيستائين مٽي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار نہ پٽيندا آهن. "تروچا" قبيلي وارن جي ڪنهن هار جي وارن ۾ جڏهن تمام گهٽيون ڇوڪرا پڄي ويندیون آهن، تڏهن ان جي وارن وڌڻ وقت هيءَ خبرداري ڪئي ويندي آهي، جو سندس روح جي رهڻ لاءِ سندس مٽي تي ڪجهہ وار ڇڏيا ويندا آهن، ڇو تہ ٻيءَ صورت ۾ سندس روح کي ڪابہ پناہ جي جاءِ ڪانہ پچندي آهي ۽ هار بيمار ٿي پوندو آهي. "ڪارو- بڪ" قبيلي وارا هار جي روح کي هر صورت ۾ ڏيچارڻ کان ڈاڍي پرهيز ڪندا آهن، ان ڪري جڏهن ۽ ڪنهن هار جي مٽي جا وار ڪترينداآهن، تڏهن ان جي هڪ ڇڪ اڳ ۾ جدا ڪري ڇڏي ڏيندا آهن، تہ جيئن ڪڏهن ڪنهن وقت سندس نندڙو روح پڄي وڃي انهن وارن ۾ لڪي ويهي، جيڪي ڪترڻ کان بچيا رهندا. گهڙو ڪري وارن جي اها ڇڪ سندن مٽي تي سڄيءَ عمر تائين، يا ڪم از ڪم بلوغت تائين، ڇڏيل هوندي آهي.

۷- **وارن ڪوڙڻ جون رسمون:** ۾ جڏهن ۽ وارن ڪوڙڻ يا وڌڻ جي اشد ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، تڏهن ان جي خطرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ کي خاص اپاءَ اختيار ڪيا ويندا آهن. ڪجي ٻيٽن ۾ رهندڙ "ناموسي" قبيلي وارن جو سردار انهيءَ ڪم ڪرڻ (وارن ڪوڙڻ) کان پيشتر حفظ ماتقدم جي طور هڪ ماڻهو ڪائيندو هو. "انهن ۾ هڪ خاص قوم آهي، جنهن کي اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ڏيڻو پوندو هو، ان جي انتخاب ڪرڻ وقت هو پاڻ ۽ ڏاڏيءَ سنجيدگيءَ سان گڏ ويهي ان بدنصيب جي نالي جو فيصلو ڪندا هئا، ۽ آن ڪان پوءِ قربانيءَ جي هڪ دعوت منعقد ڪندا هئا ته جيئن انهيءَ سردار جي سر مٿان ڪا مصيبت نازل نه ٿئي." مائوري قبيلي وارا وارن ڪٽڻ وقت ڪيترا منتر پڙهندا هئا، انهن مان هڪ منتر انهيءَ چاڪونءَ جي مٿان ڦوڪيو ويندو هو، جنهن سان وار وڍيا ويندا هئا، وارن وڍڻ کري چاڪاڻ ته وچ ۾ گهڻگوڙ جي پيدا ٿيڻ جو اندیشو هوندو هو، تنهنکري ان کي روڪڻ لاءِ وري هڪ ٻئي منتر کان ڪم وٺندا هئا. "جيڪو به پنهنجا وار وڍائي ٿو، سو 'اتوئا' (بد روح) جي فوري قبضي ۽ اچي وڃي ٿو، هن کي پنهنجي خاندان ۽ قوم سان رلڻ ملڻ کان هڪدم روڪيو وڃي ٿو، ڪيس پنهنجي کاڌي کي هٿ لائڻ کان منع هوندي آهي، هن کي کاڌو به پيا ماڻهو کارائيندا آهن، نه هو ڪن ڏينهن تائين پنهنجن ماڻهن کي منهن ڏيکاري سگهندو آهي ۽ نه ئي پنهنجن ٻين رواجي شغلن ۾ کا دلچسپي ۽ ڀرو وٺندو آهي." جيڪو ماڻهو ٻين جا وار کوڙيندو آهي، سو به اگرو ئي ٿيندو آهي، چاڪاڻ ته هن جي هٿن هڪ پاڪ مٽي کي ڇهي ورتو هو، تنهنکري هن کي انهن هٿن سان کاڌي کائڻ جي منع هوندي آهي. ڪيس پيا ماڻهو کاڌو کارائيندا آهن، جيڪو پاڪ باه جي مٿان تيار ڪيو ويندو آهي. اها بندش هن تان ٻئي ڏينهن کان اڳ نه لهندي آهي، ۽ سا به تڏهن لهندي اٽس جڏهن هو پاڪ باه تي رڌل پٽائي سان پهريائين هٿ ملينداو آهي. پوءِ انهيءَ پاڪ باه تي وري ٻيو کاڌو تيار ڪرائي، وارن وڍيندڙ قبيلي جي اهڙيءَ عورت کي کارايو ويندو آهي، جيڪا سيني کان عمر ۾ وڏي هوندي آهي. انهن سيني رسمن جي پورائيءَ کان پوءِ ئي مٿانئن اهي سڀ بندشون هٽايون ويندیون آهن. نيوزيلئنڈ جي ڪن علاقن ۾ سال جو وڏي ۾ وڏو ۽ سڀ کان زياده مقدس ڏينهن اهو هوندو هو، جنهن تي قبيلي جي سيني ماڻهن جا مٿا کوڙيا ويندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڏينهن ٿي دور دور جي ڳولڻ جا ماڻهو اچي انهيءَ جاءِ تي ڪٺا ٿيندا هئا.

۸۔ **وڊيل وارن ۽ ڏنهن جو نيڪال:** هر وار ۽ ڏنهن سلامتيءَ سان وڃي ۽ وجن، تڏهن ۽ ان کان پوءِ انهن کي نيڪال ڪرڻ جي تڪليف باقي رهي ٿي، چاڪاڻ ته انهن جو مالڪ سمجهي ٿو ته هو انهن جي لهڻ ڪڙي ڪنهن ۽ وقت ڪنهن آفت ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. دنيا جي هر حصي ۾ هي اعتقاد عام آهي. ته وارن ۽ ڏنهن جي ذريعي ماڻهوءَ تي جادو ٿي سگهي ٿو، ۽ ان اعتقاد جون ثابتيون ايتريون ته گهڻيون آهن، جو هن وقت انهن جي تفصيلن ۾ وڃڻ عبث آهي. انهيءَ اعتقاد جو عام بنياد هي آهي ته انسان جي جسم ۽ ان جي مختلف حصن يا عضون يا اهڙين بين شين جي درميان، جيڪي ڪنهن وقت انهيءَ جسم سان وابسته هيون، اهڙو ته گهرو رابطو آهي جو هڪڙي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ ۽ مٽن هڪڙي جو اثر ٿي سگهي ٿو. هن باري ۾ ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. جي اميد ته ڪافي ٿيندا. اهي مثال هم آهنگ جادوءَ جي انهيءَ قسم سان وابسته آهن، جنهن کي 'قرابتي جادو' سڏيو وڃي ٿو. چيو وڃي ٿو ته پراڻي زماني ۾ مارڪٽس ٻڌن وارن جي دلين ۾ جادوءَ جو ڏاڍو خوف رهندو هو ۽ سندن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ان جو اثر موجود هوندو هو. اڄان جو جادوگر جڏهن ڪنهن دشمن کي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪندو هو، تڏهن هن جي وارن، ننهن، ٽڪن ۽ بدن جي ٻي گندگيءَ مان ذرو ذرو هٽ ڪري، انهن کي هڪ بن ۾ ويڙهي، سيني کي هڪ ڏاڳن يا تندن سان آڻيل ٽيلهيءَ ۾ وجهندو هو، جنهن کي عجيب و غريب نموني جون منجهيل منجهيل گنڍيون ڏنل هونديون هيون. پوءِ انهيءَ ٽيلهيءَ کي وڏن سائن سوٽن ۽ ٽوٽن ٿيڻن سان دفن ڪيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ واسطيدار ماڻهو ائين ئي ڪرندو سڙندو رهندو هو، تان جو ويهن ڏينهن اندر يا انهيءَ عرصي کان پوءِ غريب مري ويندو هو. اهڙي ماڻهوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زندگي تڏهن بچي سگهندي هئي، جڏهن اهي چيزون ڪولي زمين مان باهر ڪڍيون ويندیون هيون، چو ته انهيءَ جادوءَ جو اثر ان حالت ۾ زائل ٿي ويندو هو. مائوري قبيلي وارن جو جادوگر ڪنهن کان انتقام وٺڻ لاءِ ان تي جادوءَ جو اثر ڪري ٿو ڇڏي ٿي وجهندو هو. واسطيدار ماڻهوءَ جا وار، ڪنهن، ٽڪوڻ، پير گندگي ۽ سندس ڪپڑن سان ڪجهه اڳڙيون هٽ ڪري، انهن جي مٿان ڪي منتر پڙهندو هو، جنهن کان پوءِ انهن سيني ڪي وڏي خيال ۽ اهتمام سان دفن ڪندو هو. جيئن جيئن اهي شيون سڙنديون ويندیون هيون، تيئن تيئن اهو ماڻهو بر ڀرندو ويندو هو، تان جو آخر مري ويندو هو. آسٽريليا جو وحشي جڏهن پنهنجي زال مان تنگ ٿي، ان کان جان ڇڏائڻ جو خواهان ٿيندو آهي، تڏهن هو رات جو هن جي وارن مان هڪ زلف ڪتري، پنهنجي نيزي جي دستي کي ٻڌي، ۽ واريءَ قوم ڏانهن ڪٽي ويندو آهي، اتي وڃڻ کان پوءِ هو پنهنجي ڪنهن دوست کي اهو زلف ۽ نيزو ڏيئي چڏيندو آهي، جو وري هر رات نيزي کي قومي باه جي مڇ اڳيان زمين ۾ کوڙي چڏيندو آهي. جڏهن وارن جي اها چڪ نيزي مان جدا ٿي، هيٺ ڪري پوندي آهي، تڏهن هو سمجهندو آهي ته سندس زال مري ويئي هوندي. جنهن نموني سان اهو جادو پنهنجو اثر ڪري ٿو، ان جو طريقو ڊاڪٽر هووٽ کي هڪ "ويراجوري" قبيلي جي وحشيءَ هن نموني سان سمجهايو هو: "جڏهن سياه فام ڊاڪٽر کي ڪنهن ماڻهوءَ جون ڪي شيون هٿ لڳن ٿيون، تڏهن هو انهن کي ڪن ۾ شين سان ملائي باه تي پچائيندو آهي ۽ انهن تي منتر ڦوڪيندو رهندو آهي، بس، جيئن باه کي ماڻهوءَ جي پوءِ پهچندي آهي ۽ اها ان کي ساڙيندي آهي، تيئن انهيءَ بدنصيب جو ڪم تمام ٿي ويندو آهي."

ڪارپينٽيا بيٺن ۾ رهندڙ هُـوزوُل قبيلي وارا چوندا آهن ته جيڪڏهن ماڻهوءَ جا وڏيل وار ڪٽن کي هٽ لڳندا آهن ۽ هو انهن کي ڀر ۾ نيئي رکندا آهن، جتي ايندي ويندي انهن کي پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لتاڑيندا آهن، تہ ٻوءِ اهو ماڻهو، جنهن جا وار ڪٽا ڪٽي ويا هوندا، سو يا تہ چريو ٿي پوندو، يا ڪيس هميشه مٿي جي سور جي بيماري ٿي هوندي. اسان مٿي ڏسي آيا آهيون تہ وارن وڌڻ ڪري جيڪا وڄ ۽ ڪجکوڑ پيدا ٿيندي آهي، تنهن کي روڪڻ لاءِ منتر پڙهيا ويندا آهن. ٽائرول جون ڏاڻيون وري ماڻهوءَ جي ڪنڊيل يا ڦٽيءَ سان نڪتل وارن کي طوفان آڻڻ ۽ ڇڙي نازل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آهن. "ٽلنگيٽ" قبيلي وارا ڳاڙها هنڊسناني چوندا آهن تہ جڏهن ٻ ڪا ننڍي نيٽي چوڪري غفلت ڪري، گهر کان ٻاهر نڪري، ڪلئي آسمان هيٺان بيهي وارن کي ڦٽي ڏيندي آهي، تڏهن برساتي طوفان ايندو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ روميين وٽ ٻ اهو ساڳيو ئي اعتقاد هو، جو تہ هو چوندا هٿا تہ جهاز تي سفر ڪندي وار ۽ ننهن ان وقت لاهڻ گهرجن، جڏهن طوفان لڳي بس ٿي ويو هجي، ۽ ٻوءِ ٿي وارن وڌڻ جي ڪري نئين سر اهڙي ڪا آفت ڪانہ ايندي. اسڪاٽلنڈ جا جاهلو رهاڪو چوندا آهن تہ جيڪڏهن ڪنهن ٻ ٻيڻ جو ٻاڦ سمنڊ تي هجي، تہ هن کي رات جو ڦٽي ڏيڻ نہ گهرجي. جڏهن اولهہ آفريڪا جي "چٽومبي" قبيلي جو سردار، 'جمبا'، مري ويندو هو، تڏهن ان جي قبيلي جا سڀ ماڻهو گهرن مان ڊوڙي ايندا هٿا، ۽ ان جا وار، ڏند ۽ ننهن ڀٽي ڪٽي ويندا هٿا، جو تہ هو سمجهندا هٿا تہ جيڪڏهن هن جي لاش سان گڏ اهي شيون ٻ دفن ٿي ويندیون، تہ برسات ڪانہ پوندي. 'انٽزيڪوس' جي بيٽ وارن 'ماڪوڪو' قبائلين اتان جي عيسائي مبلغن کي منٽون ڪيون هيون تہ هو پنهنجون ڪم از ڪم اڌ ڏاڙهيون انهن کي ڏيئي وڃن، جو اهي ڪين برسات جي جادوءَ جو ڏاڍو سٽو ڪم ڏيندیون.

ماڻهوءَ جا وار ۽ ننهن، جنهن صورت ۾ هن جي جسم سان اهڙي گهري رابطي ۾ رهن ٿا، تڏهن ظاهر آهي تہ اهڙي ماڻهوءَ کان ڪنهن بري يا ڇڳي ڪم ڪرائڻ يا هن جي ڇڳيءَ چال لاءِ هن جي انهن چيزن کي بطور يرغمال يا ضمانت جي ٻ استعمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي ٿو، چو ته قرباني جادوءَ جي اصول تي، اهو ماڻهو، جنهن وٽ ڪنهن دشمن جا وار يا ننهن هوندا، سو انهن کي نقصان پهچائڻ سان، انهن جي مالڪ کي به اهڙوئي نقصان آسانيءَ سان پهچائي سگهي ٿو. ان ڪري، "ننڊي" قبيلي وارا پنهنجي قيديءَ جا وار وڌي رکندا آهن، ته جيئن هو پڄڻ جو خيال نه ڪري، ۽ ڏجي اتي ويٺو رهي، وري جڏهن انهيءَ قيديءَ جي زندگيءَ جو معاوضو ڏيئي، سندس ماڻهو هن کي واپس وٺندا آهن، تڏهن سندس وار به امانت ان سان گڏ واپس ڪيا ويندا آهن.

وڏيل وارن ۽ ننهن کي نقصان کان بچائڻ لاءِ، يا اهڙن هولناڪ ڪمن کان محفوظ رکڻ لاءِ، جيڪي چالاڪ ۽ هوشيار جادوگر انهن مان وٺڻ چاهيندا آهن، اهو لازمي آهي ته انهن کي ڪنهن محفوظ جاءِ تي رکيو وڃي. مائوري سردار جا وڏيل وار نهايت خبرداريءَ سان ميڙي پر واري قبرستان ۾ دفن ڪيا ويندا آهن. ٽاهٽيءَ وارا پنهنجا ڪٽريل وار مندرن ۾ دفن ڪندا هئا، "سوڪو" شهر جي گهٽين ۾ موجوده زماني جي هرڪنهن سيّاح کي جابجا پٽرن جا ڏڪ نظر ايندا، جن جي چيرن ۽ سوراخن: مان وارن جا ڇڪا ڏسڻ ۾ ايندس. هڪ دفعي جڏهن اتان جي هڪ ماڻهوءَ کان ان جو مطلب پڇيو ويو ته هن ٻڌايو ته اتان جا ماڻهو جڏهن پنهنجا وار وڃائيندا آهن، تڏهن انهن کي ويڙهي سيڙهي، انهن پٽرن ۾ لنبي اڇڏيندا آهن ـ "چو ته پٽرن جا اهي سيٻي ڏڪ ديوتا جا پاڪ آستانا آهن، جنهنڪري اهي محفوظ آهن ۽ انهن کي ڪوبه ماڻهو ڌاهن جي همت ڪوٺ ڪري سگهندو آهي." هن کي وڌيڪ معلوم ٿيو ته وارن کي اهڙيءَ طرح رکي ڇڏڻ جو مطلب هي نه هو ته جيئن اهي ڪنهن جادوگر يا ڏائڻ کي هٿ نه لڳن. جڏهن سيام جي ڪنهن چوڪري جي چوٽي وڏي ويندي آهي، تڏهن ان جي ننڍڙن وارن کي ڪيوڙي جي پنن ۾ ويڙهي پر واريءَ ڪنهن وهندڙ نهر يا درياه ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن. جيئن جيئن اهي وار پاڻيءَ ۾ لڙهي دور دور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرندا ويندا آهن، ٽيئن ٽيئن واسطيدار چوڪري جون بدبختيون ۽ بيڙايون ۽ پري پڇنديون ويندیون آهن. باقي چوڻي ۽ جا وڏا وار تيستائين رکي چڏيندا آهن جيستائين چوڪرو مهاتما بڌ جي قدم جي نشان جي زيارت ڪري ويندو آهي، جو مقدس پربت تي آهي. اهي وار اتان جي پنڌتن کي ڏنا ويندا آهن، جن مان هنن کي ننڍڙيون پهاريون ٺاهي گوتم بڌ جي قدم کي صاف ڪرڻو هوندو آهي، ۽ هر هرسال وارن جا ايترا ٿر ڍڳ اڇي جمع ٿيندا آهن، جو پنڌتن کي سنيالڻ ڏکيا ٿي پوندا آهن. ان ڪري جيئن ٿي زائرين ڦٽي ڏيندا آهن، ٽيئن پنڌت وارن جي انهن ڍڳن کي تيلي ڏيڻي ساڙي چڏيندا آهن. اسين مٽي ڏسي آيا آهيون ٿر روم جي فلٽمن ڊيالس جي وڊيل وارن کي مقدس درخت جي هيٺان دفن ڪيو ويندو هو. پاڻ باه کي قائم رکڻ وارين پاڻ ڪنوارين چوڪرين جا ڪتريل وار قديم ڪنول-وڻ جي شاخ ۽ لٽڪايا ويندا هئا.

عام طرح، وڊيل وار ڪنهن به خفيه جاءِ تي دفن ڪيا ويندا آهن ۽ اهو ضروري ٿر سمجهيو ويندو آهي ٿر انهن کي هروپرو ڪنهن مندر يا قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي، يا ڪنهن خاص وڻ تي لٽڪايو وڃي، جيئن اسين مٽي ڏسي آيا آهيون. اهڙي ۽ طرح، سڌوبيا جي علائقي ۾ چوندا آهن ٿر وارن کي اهڙي هنڌ دفن ڪرڻ گهرجي، جتي انهن تي نر سج جي روشنائي پوي ۽ نه چنڊ جي چانڊوڪي، يعني، اهي زمين ۾ پوري يا ڪنهن وڏي پٿر هيٺان رکي چڏجن. ڏنزگ وارا وري پنهنجن وارن کي ٽيلهي ۽ بند ڪري، گهر جي چائٽ وٽ دفن ڪري چڏيندا آهن. سالومن ٻيٽن مان هڪ ٻيٽ، "آغي"، جا ماڻهو به پنهنجن لڏل وارن کي ان ڪري دفن ڪندا آهن ٿر متان اهي ڪنهن دشمن کي هٿ لڳڻ ۽ هو انهن تي جادو ڪري، ڪين تڪليف پهچائي. ميلانيشا ۾ به انهي ۽ ساڳئي ڊپ-ڪان ماڻهو پنهنجا ڪتريل وار ۽ ننهن لڪائيندا آهن. ڏکڻ آفريڪا جي ڪيترن قبيلن ۾ به ساڳيو رسم موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، چو ته اتان جا ماڻهو به جادوگرن کان ڊڄندا آهن ته متان اهي سندن وارن ۾ ننهن جي ذريعي کين کو نقصان پهچائين. "ڪافر" قبيلي وارا ته اڃا به پنهنجي قدم اڳتي وڌيل آهن ۽ ان ڪالهه جي ڏاڍي خبرداري ڪندا آهن ته سندن جسم جو ڪوبه جدا ٿيل حصو يا عضوو دشمن جي هٿ نه چڙهي، چو ته هو نه فقط پنهنجا وڏيل وار ۽ ننهن ڪنهن مخفي جاءِ ۾ دفن ڪندا آهن، پر "جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي ڪنهن جون جُون ڪيندو آهي، تڏهن انهن کي حفاظت سان سنياليو، زنده حالت ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جي سپرد ڪندو آهي، جنهن جي مٽي سان اهي نڪرنديون آهن، چو ته هو پنهنجي اعتقاد مطابق انهن سمجهندا آهن ته جيئن اهي جُون انهيءَ ماڻهوءَ جي رت سان آسريون هيون، جنهن جي مٽي سان اهي نڪتيون هيون، تنهن صورت ۾ جيڪڏهن انهن کي ٻئي ڪنهن جي قبضي ۾ ڏيو، ته ان جي معنيٰ اها ٿيندي ته ان جو رت ٻئي جي قبضي ۾ ڏنو ويو، جنهنڪري امڪان آهي ته هو جونئن واري ماڻهوءَ کي جادوءَ ذريعي کو ضرر پهچائي."

ڪڏهن ڪڏهن وار ۽ ننهن انهيءَ ڊپ کان لڪايا نه ويندا آهن ته اهي ڪنهن دشمن جي ور نه چڙهي وڃن، پر ڪن ڪن قومن جو وري اعتقاد هيءُ آهي ته موت کان پوءِ ٻيو دفعو ماڻهو جيئرو ٿي اٿندو، ان ڪري اهي شيون هڪ اهڙي هنڌ دفن ڪيون ويندیون آهن ته جيئن ان وقت آسانيءَ سان هٿ لڳن ۽ انهن کي گولڙو نه ٿيو. ان ڪري پيروءَ جي 'انڪاس' قبيلي وارا پنهنجا وڏيل وار ۽ ننهن ڪٽي ڪنهن جاءِ تي ڏاڍيءَ حفاظت سان لڪائي رکندا آهن، حتيٰ ڪ ڪٽيءَ ڏينهن سان جيڪي وار ڪٽي ڪري پونداٻاڻن، سي به هو چونڊي ديوارين جي چيرن ۾ سوراخن ۾ ڪنبي چڏيندا آهن، جيڪڏهن انهن مان ڪوبه وار يا ننهن هيٺ ڪري پوندو آهي ۽ قبيلي جو ڪوبه ماڻهو ان کي ڏسي ولندو آهي، ته ان کي هڪدم زمين تان کڻي، ان جي اصلوڪيءَ جاءِ تي رکي چڏيندو آهي. مون کيترن وقتن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف ڪاڙهن هندستانين کان پڇيو تہ هو ائين ڇو ٿا ڪن؟ منهنجو مطلب فقط اهو هو تہ ڏسان تہ هو ڪهڙو جواب ٿا ڏين! ڏٺم تہ انهن مان هرهڪ ساڳيو ئي جواب ٻڌو تہ "توڪي اها خبر هٿ گهرجي تہ جيڪي ٻ ماڻهو ڇاوا آهن ۽ مٽا آهن، سي ڪنهن نہ ڪنهن وقت دوباره زنده ٿيندا ۽ ان وقت سڀني روحن کي پنهنجي خاڪي جسم جي هرهڪ ڇيز سميت قبرن مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. ان ڪري اسين پنهنجا وار ۽ ننهن هڪ جاءِ تي جمع ڪري رکندا آهيون تہ جيئن ان وقت، جڏهن ڇوڙاري ڏک ڏوڙ ۽ تڪليف لڳندي ۽ هرهڪ پنهنجي ٻ پورو هوندو، تڏهن ڪنهن کي ٻ وار ۽ ننهن ڏونڏيوٽا نہ ٿون، ساڳئي ئي سبب ڪري، جيڪڏهن ئي سگهندو آهي، تہ اسين ٽڪ ٻ هڪ ئي جاءِ تي اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون." ساڳيءَ طرح ترڪ ٻ پنهنجن وڏيل ننهن کي ڪڏهن ڪونہ اچلائيندا آهن، پر انهن کي هڪ جاءِ تي لڪائي رکي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن دوباره زنده ٿيڻ وقت آسانيءَ سان اهي کين ملي سگهن. آرمينيا جا ماڻهو ٻ پنهنجا وڏيل وار، ننهن ۽ نڪتل ڏند ڪونہ اچلائيندا آهن، پر انهن کي ڪن پاڪ جاين ٻ لڪائي رکندا آهن، جهڙوڪ ديولين جي ديوارين جي چيرن ۽ سوراخن ٻ، گهر جي شهتيرن ٻ، يا وڻ جي ٽنگن وغيره ٻ. هو سمجهندا آهن تہ انهن کي پنهنجن جسمن جا سڀ وڏيل حصا ۽ عضوا قيامت جي ڏينهن ڏيکارڻا پوندا ۽ جنهن ٻ انهن کي ڪنهن محفوظ جاءِ تي نہ لڪائي رکيو هوندو تہ پوءِ کيس انهيءَ وڏي ڏينهن تي اهي سڀ ڇيزون گولي هٽ ڪرڻ ٻ ڏاڍي تڪليف ٿيندي. آئرلنڊ ٻ ڊرم ڪورناڪ جي ڪوٽ ٻ هڪ ڙيون پوڙهيون ڙالون هيون، جن انجيل پاڪ ٻ اهو ڏٺو هو تہ الله پاڪ کي ماڻهن جي وارن جي تعداد جي ٻ ڄاڻ آهي، ان ڪري هن کي اهو وهم اچي ويڻو تہ قيامت جي ڏينهن انهن کي انهن سڀني وارن جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ۽ کين اهي سڀ وار با امانت ڏيکارڻا پوندا. انهيءَ خيال کان هو پوءِ پنهنجي مئي مان ڪريل وار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن جهوپڑين جو، چتين وارن ڪکن ۽ ڪانن ۽ چونڊي چونڊي ڏهائي لڪائي رکي چڏيديون هيون.

ڪي ماڻهو وري پنهنجن لٽل وارن کي ٻاهه ۽ ساڙي چڏيندا آهن ته جيئن اهي ڪنهن جادوگر جي ور نه چڙهي وڃن. ٻڌيگونيا ۽ وڪٽوريا وارن علائقن ۾ رهندڙ قومن وارا عام طور ائين ڪندا آهن. آسٽريليا ووسيجيز وارا چوندا آهن ته پنهنجن وارن ۽ ننهن کي هيٺي هڻي هرگز نه رلڻ ڏجي، جادوگرن کي انهن چيزن جي استعمال ڪرڻ کان ناڪام بنائڻ لاءِ انهن کي ساڙي چڏڻ گهرجي. الليءَ جون عورتون ان کي ڪٽيءَ ۽ ڦاڙل وار ڪڍي يا ته ٻاهه ۾ ساڙي چڏيندڙيون آهن، يا وري ڪنهن اهڙي هنڌ لڪائي چڏيندڙيون آهن، جتي انهن تي ڪنهن جي به نظر نه پوي. ڊائڪين ۽ جادوگرن جو ڊپ گهٽو ڪري دنيا جي سڀني ماڻهن ۾ عام جام آهي، جنهنڪري اولهه آفريڪا جي حبشي ماڪولولو قبيلي وارا ۽ ٽاهٽيءَ جا ماڻهو وارن ۽ ننهن کي يا ته دفن ڪري چڏيندا آهن يا وري انهن کي ساڙي چڏيندا آهن. ٽائرول وارا وري پنهنجن وارن کي ان ڪري ساڙيندا آهن ته متان اهي ڪنهن ڊائڻ کي هٿ لڳن ۽ اها انهن جي مدد سان ڪو طوفان نازل ڪري. ٻيا وري انهن کي ان ڪري ساڙي چڏيندا آهن ته متان کين ڪي اهي ڪٽي وڃن ۽ وڃي پنهنجن آڪيرن ۾ رکن، چو ته ان حالت ۾ واسطيدار ماڻهوءَ کي، جنهن جي مٽي جا اهي وار هوندا، مٽي ۾ سخت سور پوندو رهندو.

وارن ۽ ننهن کي ناس ڪرڻ جو اهو دستور الٽهڪندڙ خيال جو نتيجو آهي. جسم جي انهن حصن کي ناس ڪرڻ جو اهو ئي مقصد آهي ته جيئن اهي ڪنهن جادوگر کي هٿ نه لڳن ۽ هو انهن جي ذريعي انهيءَ جسم کي نقصان نه پهچائي، جنهن سان انهن جو رابطو هو ۽ جنهن کان اهي جدا ڪيا ويا آهن. انهيءَ خيال جو سڄو داروبدار انهيءَ اعتقاد تي منحصر آهي ته جسم ۽ ان جي مختلف عضون يا حصن ۾ اهڙو هم آهنگ رابطو رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جو انهن ماڻ جنهن ۾ هڪ کي ڪو نقصان يا ضرر پهچايو ويندو، تہ ساڳيو ئي نقصان ٻئي کي ۽ پهچندو. ٻوءِ جڏهن اهو رابطو اڃا تائين قائم آهي، تہ ٻوءِ ظاهر آهي تہ وارن ۽ ننهن کي هٿ سان ساڙڻ ڪري ۽ انهيءَ ساڳئي جسم کي اهڙي ئي تڪليف پهچڻ گهرجي، جنهن کان ان کي بچائڻ لاءِ انهن جي ساڙڻ جو ايڈو سارو اهتمام ڪيو ويو.

۹. **ٽڪ اچلائڻ ئي بندش:** جن اعتقادن، خيالن ۽ نظرين جي ماتحت دنيا جي مختلف قبائلين ۽ قومن، وارن ۽ ننهن کي اچلائي چڏڻ تي ايتري سخت بندش وڌي آهي، انهن ساڳين خيالن کان متاثر ٿي، ڪن ٻين يا انهن ساڳين قومن ٽڪ کي بيڪار سمجهي لاپرواهيءَ سان اچلائي چڏڻ تي ۽ پابندي عائد ڪئي آهي. چوتہ هر آهنگ جادوءَ جي اصول جي تحت، ٽڪ تي، جا انساني جسم جو حصو آهي، جادوءَ جو عمل ڪري، ٽڪ اچلائيندڙ کي نقصان پهچائي سگهجي ٿو. "چائلوٽ" قبيلي جو ڪاڙهو هندستاني دشمن کي ضرر رسائڻ لاءِ هن جي ٽڪ کڻي ڪري، ان کي پٽائي جي وچ ۾ بند ڪري، باه تي پچائيندو آهي، جيئن پٽاڻو پچندو ۽ سڪندو ويندو آهي، تيئن هن جي خيال موجب، دشمن ۾ سڙندو ۽ پچندو رهندو آهي، يا تہ وري هو ان ٽڪ کي ڏيڏر جي پيٽ ۾ بند ڪري، ان کي ڪنهن اهڙي درياه ۾ ڦٽو ڪندو آهي، جنهن ۾ نہ ٻڙي هلي سگهندي آهي ۽ نہ کو ماڻهو گهڙي سگهندو آهي، جنهنڪري سندس دشمن انتهائي درد و ڪرب کان دانهون ڪوڪون ڪندو رهندو ۽ ڏکندو ٿڪندو رهندو. نيوزيلنڊ جي آرويرا ضلعي جا وحشي جادوءَ جي هنر جا ڪاريگر سمجهيا ويندا هئا: ڇيو وڄي ٿو تہ هو ماڻهن کي پاڳل بنائڻ يا ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسائڻ لاءِ انهن جي ٽڪن کي استعمال ڪندا هئا. ان ڪري جيڪي ۽ اجنبي اتي ويندا هئا، سي اها خبرداري ڪندا هئا تہ سندن ٽڪون ڪنهن دشمن کي هٿ نہ لڳن. اهڙي نموني سان ڏکڻ ۽ اولهہ آفريڪا جا حبشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دشمن جي روبرو يا ان جي موجودگيءَ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي اچلائيندا آهن، تہ مٿان سندن دشمن ٽکن کي ميڙي پنهنجي جادوگر جي حوالي ڪن، جو ان کي جادوءَ جي ڪن دوائن سان ملائي اهڙو مرڪب تہ تيار ڪري، جنهن سان کين ڪو نقصان پهچي. ايتريقدر جو انهن جي گهرن ۾ اها خاص خبرداري رکي ويندي آهي تہ مرد جيڪي ٽکون اچلائيندا آهن، تن کي خبرداريءَ سان زمين تان کڙي لاتو ويندو آهي، ۽ انهن جي آلن نشانن کي ۽ محنت سان مٽايو ويندو آهي.

جنهن صورت ۾ عام ماڻهو ايتري خبرداري ڪندا آهن، تہ پوءَ بادشاه ۽ سردار تہ يقيناً ٻيٽيءَ حفاظت جا مستحق آهن. سڀڪوڇ ٻيٽ ۾ بادشاه ۽ سردارن سان خاص رازدار نوڪر سڏ هوندا هئا، جي پنهنجن آقائن سان گڏ اگالدان کڻي هلندا هئا، جن ۾ اهي ٽکون اچلائيندا هئا. اهي نوڪر هر صبح جو پنهنجن مالڪن جون ٽکون زمين ۾ ڪڏ کڻي دفن ڪري ڇڏيندا هئا، تہ جيئن ڪنهن دشمن يا جادوگر کي هٿ نہ اچن. سليوڪوسٽ جي بادشاه ۽ اميرن جون ٽکون ٻ انهيءَ ڪري زمين ۾ اچلائي، انهن جي مٿان سڻي وجهي ڇڏيندا آهن. ڏکڻ نائجيريا جي علائقي ۾ رهندڙ 'تابالي' قوم وارن جي سردار جي ٽکن جي ڀاري ۾ ٻ ساڳيو ئي احتياط ڪيو ويندو آهي.

رت ۽ لٽل ننهن وانگر، ٽک تي ٻ جادوءَ جا عمل ٿي سگهن ٿا، جنهنڪري پهرين ٻن چيزن وانگر، ٽک کي ٻ وعدي يا عهدنامي يا انجام جو موزون مادي بنياد بڻايو ويندو آهي، جو تہ معاهدي ڪندڙ ٻئي ڌريون هڪٻئي جي ٽکن جي مٽاسٽا ڪرڻ سان هڪٻئي کي پنهنجي نيڪ نيتيءَ جو يقين ڏياري سگهنديون آهن. انهن سان جڏهن ٻ ڪا هڪ ڌر وعده خلافي ڪرڻ تي آماده ٿيندي آهي، تڏهن ٻئي طرف وارا ان کي سندس ٽک جي ذريعي موزون سزا ڏيندا آهن. معاهدي ڪرڻ وقت هو هڪٻئي جو ٽکون ديلين ۾ وٺي بند ڪري پاڻ سان کڻي ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هو پوءِ پنهنجي پنهنجي قبضي ۾ رکندا آهن. اوپر آڻيڪا جا "واجا گا" قبيلي وارا جڏهن کو عهدنامو ڪرڻ چاهيندا آهن، تڏهن ٻئي ڏريون هڪ ٻئي ڏانهن ويهي، وچ تي ڪير يا بيئر (شراب) جا برتن رکنديون آهن، ان کان پوءِ هو منتر پڙهي انهيءَ برتن تي ڦوڪيندا آهن ۽ هڪ ڏر جو اڳوان ان مان ڏڪ ٻي، ٻيءَ ڏر واري اڳوان جي وات ۾ گرڙي ڪندو آهي، جا هو پي ويندو آهي، ساڳئي طريقي سان وري ٻيءَ ڏر وارو اڳوان ٻ ائين ٿي ڪندو آهي. ڪن ڪن موقعن تي، جڏهن ڪنهن معاملي ڪي تڙت طي ڪرڻو هوندو آهي ۽ ڪير يا بيئر وغيره آسانيءَ سان دستياب ڪونہ ٿي سگهندو آهي، تڏهن ٻنهي ڏرين جا نمائندا هڪٻئي جي وات ۾ ٽڪ وجهي، عهدنامي ڪي اڳو پوءِ پختو ڪري چڏيندا آهن.

۱۰۔ **ڪن ڪاڻن ٿي بندش:** وحشيءَ جي وهمن جو مرڪز سپ ڪان زياده سندس ڪاڏي جون شيون آهن ۽ مٿي گهڻن هنڌن ٿي معلوم ڪري آيا آهيون تہ هو ڪيترن جانورن جي گوشت، ۽ جهنگلي ٻوٽن ۽ ميون کائڻ کان، جيڪي هونئن پنهنجي ليکي طاقتور ۽ لذيذ غذائون هونديون آهن، ڪن وهمن ۽ اعتقادن جي ماتحت، پرهيز ڪندو آهي، چو تہ هو انهن کي ڪنهن نہ ڪنهن سبب جي ڪري، کائڻ واري لاءِ نقصانڪار ۽ موتمار تصور ڪندو آهي. اهڙين پرهيزن جا مثال ايترا تہ بيشمار آهن، جو انهن سڀني جو هتي ذڪر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. عام ماڻهو جڏهن رواجي وهم ۽ ڊپ کان متاثر ٿي، کاڏي جي ڪيترين شين کان دور ٿيڻ ٿو، تہ پوءِ بادشاهن ۽ پوجارين يا مذهبي رهنمائن ۽ ٻين پاڪ هستين لاءِ ظاهر آهي تہ انهيءَ سلسلي ۾ لازمي طور زياده پابنديون عائد ٿيل هونديون. اسين مٿي ڏسي آيا آهيون تہ روم جي فلشمن ڊيالس کي ڪيترين چيزن کان، خاص طرح ڪچي گوشت کي ڏسڻ ۽ هٿ لائڻ کان، ڏاڍي سخت منع ٿيل هئي ۽ ساڳئي نموني سان مصري شهنشاهن کي بدڪن ۽ آڙين جي گوشت کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ، ٻڌي ڪنهن ٻ جانور يا پکيءَ جي گوشت استعمال ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. پراڻي زماني ۾ ڪيترن ئي وحشي قومن جي بادشاهن ۽ پادرين کي گوشت استعمال ڪرڻ کان سخت منع ٿيل هئي. لوٽانگو جي ساحل وارن "گانگا" پادرين کي ڪيترن قسمن جي جانورن ۽ پکين جي رڳو شڪل ڏسڻ کان ٻڌ منع ٿيل هوندي آهي، جنهنڪري هو ويچارا گهڻن قسمن جي جانورن ۽ پکين جو گوشت نه کائي سگهندا آهن. ڪيترن وقتن تي انهن کي فقط جهنگلي ميون تي گذر ڪرڻو پوندو آهي... جيتوڻيڪ کين تازي رت پيئڻ جي سا اجازت هوندي آهي. لوٽانگو جي تخت جي وارث کي ننڍي هوندي کان وٺي خنزير جي گوشت کائڻ جي سخت ممانعت ٿيل هوندي آهي. ننڍيءَ ڇوڪر کان ٿي ڪيس ٻين سان گڏ ويهي 'ڪولا' ڦل کائڻ جي ٻ منع آهي. بلوغت کي پهچڻ وقت هن کي سندن پادري اهو سبق سيکاريندو آهي ته هو جن پکين يا جانورن کي شڪار ڪري، ماري ۽ ڇڪائي سگهي، انهن کي ٿي کائي، باقي ٻيا سڀ پکي ۽ جانور مٿس حرام آهن ۽ اهڙيءَ طرح، هن جي عمر سان گڏ، مٿس بندشون ٻ وڌنديون ويندیون آهن. فرئنڊو پو جي حاڪم کي، تخت تي ويهڻ کان پوءِ، 'ڪو' (هڪ قسم جو مقامي جانور)، هڻڻ ۽ ميڙهه جي گوشت کائڻ کان منع ڪئي ويندي آهي، رواجي طرح انهن جانورن جو گوشت اتان جي عام ماڻهن جي رواجي ۽ عام غذا آهي. "ماسائي" قبيلي وارن جو پوڄاري ماڪيءَ، ڪير ۽ ٻکريءَ جي ٻکل جيري کان سواءِ ٻيو ڪاڏو ڪوڙ کائيندو آهي، چو ته جيڪڏهن هو انهيءَ قانون جي انحرافي ڪندو ته هو پيشينگوئي ڪرڻ جي طاقت کان محروم ٿي ويندو ۽ ساڳئي وقت سندس جادوءَ جو اثر ٻ زائل ٿي ويندو.

۱۱۔ چلن ۽ ڳالهين ۾ بندش: اسين مٿي ڏسي آيا آهيون ته فلمن ڊيالس تي جيڪي متعدد بندشون عائد ٿيل هيون، تن مان هي ٻ خاص هيون ته هن کي پنهنجن ڪپڙن ۽ ڪنهن ٻ جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪنهن به قسم جي ڪنڊ ڏيڻ جي اجازت نه هئي، ۽ سواءِ هڪ پگهل منڊيءَ جي، هي ڪاب سڀني ۽ سڄي منڊي يا چلو آگر ۾ وڃڻ جن لاءِ ممنوع هو. ساڳئي طريقي سان جيڪي مسلمان زائرين مڪي (شريف) ڏانهن ويندا آهن، تن تي به اهڙي ئي بندش هوندي آهي ته هو نه ڪا ڪنڊ ڏيئي سگهندا آهن ۽ نه وري ڪو چلو يا منڊي ئي پائي سگهندا آهن، چو ته هو انهيءَ عرصي ۾ پاڪائيءَ جي حالت ۾ هوندا آهن. اهي ڪنڊيڻ ۽ سنڊيڻ جا قانون گهڻو ڪري هڪ جهڙا ئي معلوم ٿين ٿا، جنهنڪري انهن تي هڪ ئي وقت غور ڪرڻ گهرجي. ڪنڊيڻ جي مسئلي تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيئي ٿو ته دنيا جي ڪيترن ملڪن جا ماڻهو ڪن خاص موسمن ۽ وقتن تي ڪنڊيڻ ڏيڻ کان پرهيز ڪندا آهن ـ خاص طرح شاديءَ، موت يا ويهه جي وقتن تي. ان ڪري ٽرانسلوانيا جي سڪسن نسل وارن ماڻهن ۾ هي رواج آهي ته جڏهن به سندن گهرن ۾ ويهه ٽيندو آهي، تڏهن ٻار جڻ واريءَ عورت جي سيني ڪپڙن جون ڪنڊيون ڪوليون ويندیون آهن، نه فقط ايترو، پر ان گهر جي درين، درين ۽ ٻيٽين جا ڪلف به ڪوليا ويندا آهن، چو ته هو سمجهندا آهن ته ائين ڪرڻ سان ويهه ۾ آساني ٿيندي. ساڳئي نموني سان لٽهلٽندڙ جا باشندا به انهيءَ قسم جي وهم ۾ مبتلا رهن ٿا ته ويهه واريءَ زال جي جسم تي ڪاب ڪنڊ نه رهڻ ڏجي، چو ته هيءَ حالت ۾ سندس ويهه ڏکيو ۽ دردناڪ ٿيندو. ايسٽ انڊيز ۾ وري حمل جي سڄي عرصي تائين انهيءَ وهم مطابق عمل ڪيو ويندو آهي ۽ آتي چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪا حامل عورت پنهنجن هٿن سان ڪنڊيون ٻڌندي يا چوٽيون ڪندي يا ڪنهن به چيز کي مضبوطيءَ سان ٻڌندي، ته ان جي نتيجي ۾ سندس ٻار سندس پيٽ ۾ گهٽجي مري ويندو، يا ويهه ڪرڻ وقت ڪيس درد ذه ۾ بي انتها تڪليف ٿيندي، ڪيترا ته وري پيٽ واريءَ زال جي مرد کي به انهن قانونن تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. بحري ۽ پاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبيلي وارن ۾ ائين ئي ڪندا آهن، يعني پيٽ واري زال ۽ سندس مڙس، حمل جي سڄي عرصي جي دوران ۾، ڪنهن به چيز کي ڏاڪي سان نه ٻڌندا آهن ۽ نه وري پنهنجن هٿن سان ئي ڪنهن شيءَ کي مضبوطيءَ سان جڪڙي يا جهلي سگهندا آهن. شمالي سيليبس جي رهاڪن ۾ به بلڪل ساڳئي قسم جو وهم آهي. حامله عورت جڏهن چوٿون يا پنجون مهينو پورو ڪندي آهي، تڏهن هڪ خاص رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن ڪان پوءِ مرد کي، ڪيترين ٻين پابندين سان گڏو گڏ، مضبوط ڳنڍين ڏين ۽ هڪ ٽنگ ٻيءَ تي رکي ويهڻ کان هرصورت ۾ پرهيز ڪرڻي پوندي آهي.

انهن سڀني حالتن ۾، بنيادي خيال اهو نظر اچي رهيو آهي ته ڳنڍيڏين ڪري، جيئن ايسٽ انڊيز وارا چوندا آهن، "عورت کي ڳنڍ اچي ويندي"- يعني هن جي ويم ۾ رڪاوٽ پوندي، يا ان جو ويم روڪجي ويندو، يا ويم کان پوءِ سندس چگهه ڀلي ٿين جو امڪان نه رهندو- چو ته هر آهنگ يا نقالي چادوءَ جي اصولن مطابق جيئن ڏاڪي تي ڳنڍ جي ڪري رڪاوٽ حائل ٿي وڃي ٿي، ائين عورت جي جسم اندر ٻار جي اخراج جي رستي ۾ اهڙي ئي قسم جي رڪاوٽ پوندي. انهيءَ وهم جو مطلب ۽ مقصد اولهه آفريڪا جي "هوز" قبيلي وارن جي هڪ رسم مان، جا هو ڏکئي ويم جي وقت ادا ڪندا آهن، چگهءَ طرح سمجهه ۾ اچي ٿو. جڏهن به انهن جي ڪنهن عورت کي سخت سور ٿيندا آهن ۽ هو ٻار نه ڄڻي سگهندي آهي، تڏهن ان جا وارث پنهنجي جادوگر کي سڏائيندا آهن. هو عورت کي ڏسي چوندو آهي ته "ٻار پيٽ ۾ ٻڌو پيو آهي، جنهنڪري، باهر نڪو اچي سگهي." پوءِ حامله عورت جي سائٽياڻين جي منٽ ميڙ ڪرڻ تي، هو انهيءَ ڳنڍ کي کولڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي. ان کان پوءِ هو ڪن مڙدن کي ٻيلي مان ڪنهن ٽلهيءَ ۽ مضبوط ول آڻڻ لاءِ حڪم ڏيندو آهي، جنهن سان هو ٻار ڄڻيندڙ عورت جا هٿ سندس پٺ جي طرف مضبوطيءَ سان جڪڙي ٻڌندو آهي. ان کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ان عورت جو نالو ونندو ويندو آهي، ۽ جڏهن هڪ جواب ڏيندي آهي، تڏهن هو ول کي چاکوڻ سان وڌيندو رهندو آهي ۽ وات سان هيئن چوندو ويندو آهي: "آءُ اڄ تنهنجا ۽ تنهنجي پار جا بند خلاص ڪري رهيو آهيان." انهن سيني کالهين پڇاڙا هو انهيءَ ول کي ننڍا ننڍا ٽڪر ڪندو آهي، جن کي پاڻيءَ جي ڀريل برتن ۾ وجهي، عورت کي انهيءَ پاڻيءَ سان غسل ڪرايو ويندو آهي. عورت جي عضون کي ويڙهيل ول سان آزاد ڪرڻ سان جادوگر ائين سمجهي ٿو ته هو ساڳئي وقت پيٽ واري پار کي ۽ سندس بندن سان آزاد ڪري رهيو آهي. ويم وقت دروازن، ڪلفن، درين وغيره جي ڪوڻ واريءَ رسم جي حالت ۾ ٻ، جا ڪيترن ملڪن جي ماڻهن ۾ موجود آهي، ساڳيو اعتقاد ۽ وهم موجود ٿو پائجي. اسين مٿي ڏسي آيا آهيون ته ڏکڻي ويم وقت ٽرانسلوانيا جي جرمن نسل وارا باشندا در، دريون ۽ ڪلف وغيره کولي ڇڏيندا آهن، اهڙي ئي رسم ووڊلنڊ ۽ ميڪلينبرگ جا ماڻهو ۽ ادا ڪندا آهن. شمال مغربي آرگلشاير جا وهمي ماڻهو ۽ ويم وقت گهر جا سڀ تالا کولي ڇڏيندا هئا. بمبئيءَ جي آسپاس سالسيٽ پيٽ جا باشندا ۽ ڏکڻي ويم وقت گهر جي سيني ڪلفن کي ڪٽنچيءَ سان کولي ڇڏيندا آهن. سوماترا جي مٽڊيلنگ نسل وارا ماڻهو ۽ اهڙي وقت گهر جي سيني صندوقن، پيٽين، دبن ۽ برتنن جا ڍڪ لاهي ڇڏيندا آهن، ان هوندي ۽ جيڪڏهن کو خاص اثر پيدا نه ٿيندو آهي، ته پوءِ ويچارو منتظر شوهر، چت جي ٻڌين جي چيڙن کي جيڪي باهر نڪتل هوندا آهن، ڏندن سان ڏڪ هڻي، انهن کي ڏلو ڏالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي... ته ويم ۽ آساني پيدا ٿئي، چو ته هو سمجهندا آهن ته "ويم ۽ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ گهر ۽ ٻيل هرهڪ چيز ڏاڍي ڏاڍي هئڻ گهرجي." ڇنڪانگ ۽ جڏهن ڪنهن عورت کي پار ڇڏڻ ۽ دقت ٿيندي آهي، تڏهن ڏائي گهر وارن کي حڪم ڏيندي آهي ته "گهر جا سڀ دروازا ۽ دريون کولي ڇڏيو، گهر ۾ رکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني پوتلن جا پوچ لاهي چڏيو، ڏهن ۽ پيٽ تان ڪپڙا لاهيو، واڙي مان ڪڍي ۽ سينهن کي چوڙي چڏيو، اصطبل مان گهوڙا چوڙي چڏيو، ۽ ڪتي، ريڍ، ٻڪين، بدڪن ۽ ڪڙين وغيره کي کولي آزاد ڪري چڏيوا" انهن ماڻهن جي اعتقاد مطابق اهڙي قسم جي عام ۽ وشال آزادي، جا ساهوارن ۽ غيرجاندارن کي بخشي وڃي ٿي، سا انهيءَ مشڪل جي آسانيءَ جو يڪ ڪ ۽ تير يهدف علاج آهي ۽ پار کي ماڻڻ جي ٻيٽ مان ٻاهر ڪڍڻ جو مؤثر ۽ ڪارائتو طريقو آهي. ساڳهالين جي ٻيٽ ۾ اهڙي وقت، مڙس هر انهيءَ شيءَ کي کولي چڏيندو آهي، جيڪا کولڻ جي لائق هوندي آهي، هو پنهنجي وارن جي چوٽين ۽ ٻوٽ جي ڏاڻن کي کولي چڏيندو آهي. ان کان پوءِ گهر ۽ ٻاڙي ۾ جيڪي به شيون ٻڌل هونديون آهن، تن کي کولينڊو آهي، جيڪڏهن گهر جي اڳڻ ۾ ڪاليءَ جي ڪنهن ٻنڊ ۾ ڪهاڙي قائي ٻيٽي هوندي آهي، تہ ان کي چکي ٻاهر ڪڍندو آهي، جيڪڏهن ان جي يا ٻئي ڪنهن ڪوٽ واري جي ٻيڙي ڪنهن وڻ سان ٻڌي ٻيٽي هوندي آهي، تہ ان کي هڪدم وڃي چوڙيندو آهي. بندوق يا پستول مان گوليون، ۽ آڙيءَ ڪمان مان تير ڪڍي چڏيندو آهي.

ساڳيءَ طرح، مٿي اسان هي ۾ ڏسي آيا آهيون تہ "تومبولو" قوم وارو ماڻهو زال جي حمل واري عرصي ۾ نہ فقط ڪنڊين ٻڌڻ کان پرهيز ڪندو آهي، پر هو هڪ ٽنگ تي ٻي ڪانہ چاڙهي ويهندو آهي. پنهي حالتن ۾ انهيءَ اعتقاد جو نظريو ساڳيو ئي آهي. ڪنڊ ٻڌڻ لاءِ ڏاڻن کي هڪٻئي مٿان چاڙهيو وڃي، يا آرام سان ويهڻ لاءِ هڪ ٽنگ ٻيءَ جي مٿان رکي وڃي، پنهي حالتن ۾، هڪ آهنگ جادوءَ جي اصول مطابق، شين جي واڌ ۽ رفتار کي روڪيو وڃي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ اهم حقيقت کان رومي بلڪل ڇڪيءَ طرح سان آشنا هئا. ڪنيئر ۽ سنجيده طبيعت وارو رومي فيلسوف، پلني، چوي ٿو تہ ڪنهن حامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت يا زير علاج مريض جي اکين آڏيان سان سڌڻا وجهي ويهڻ کري انهن تي برو اثر پوندو آهي. سڌڻن پيلن هٿن سان پنهنجي ٽنگ يا ٽنگن کي مهڙ ۽ هڪ ٽنگ ٻي ۽ تي چاڙهي ويهڻ، اکين ۽ حالت کان ٻ زياده خراب آهي. پراڻي زماني جا رومي ويهڻ جي اهڙن نمونن کي هرهڪ ڪر جي تعميل ٻ رکاوٽ جو باعث کري سمجهندا هئا. جنهنکري جنگي ڪائونسل، مئجسٽريٽن جي ميڙ، عبادت يا قربانين جي موقعن تي ڪنهن کي ٻ هڪ ٽنگ ٻي ۽ تي چاڙهي ۽ هٿن ٻ سڌڻا وجهي ويهڻ کان سخت منع ٿيل هوندي هئي. انهن پنهي حالتن مان هڪ يا ٻي جي ڪرڻ کري جيکي نتيجا نڪرن ٿا، تن جي متعلق هڪ مشهور مثال موجود آهي: هرڪيولس جي ماءُ، ائلڪمينا، ستن ڏينهن ۽ ستن راتين تائين ان کري سور ڪاڏا هئا، جو ليوسينا ديوي، پنهنجي هڪ ٽنگ ٻي ۽ تي چاڙهي ۽ هٿن ٻ سڌڻا وجهي، ان جي چانٽ اکيان ويني هئي، ۽ جيستائين ڪنهن نموني سان هن کي دوکو ڏيئي ستدس ويهڻ جي حالت ٻ تبديلي ڪا نه آندي ويئي، تيستائين ائلڪمينا جا بند آجا ڪونه ٿيا. بلڪيريا وارن ٻ اهو وهم آهي ته حامل عورت کي جيڪڏهن اهڙي نموني سان ويهڻ جي عادت هوندي، ته ڪيس پار چڙهڻ وقت ڏاڍي ٽڪليف جو مقابلو ڪرڻو پوندو. بٽويريا ٻ جڏهن ٻ ڪنهن محفل يا ميڙ ٻ اوچتو ئي اوچتو گفتگو بند ٿي ويندي آهي ته حاضرين مان ڪونه ڪو چوندو آهي ته "مڃاڻ ڪنهن ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي آهي!"

ڪنڊين پنڊڻ جي ڪري، نه فقط ويهڻ جي وقتن تي جادوءَ جهڙا اثر ظاهر ٿيندا آهن ۽ انساني ڪاروبار ٻ رکاوٽون پوندين آهن، پر شادين جي وقتن تي ٻ ساڳي ئي حالت ٿيندي آهي. وچين صدين ٻ ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ تائين يورپ ٻ هي اعتقاد عام هو ته شاديءَ جي مزي کي تلخ ڪرڻ ۽ ان ٻ رکاوٽ وجهڻ لاءِ، نڪاح خواني ۽ جي دوران ٻ ڪنهن ڪلب کي ڪنجيءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪري، يا ڪنهن رسيءَ کي ڳنڍ ڏيڻي، ان کي دور ڪنهن ويران جاءَ تي ڇڏو ڪرڻ ڪافي آهي. ڪهڙو ڪري انهيءَ ڪلف يا رسيءَ کي پاڻيءَ ۾ ڇڏو ڪيو ويندو هو، ۽ جيستائين ان ڪلف کي ڪولي، ڪنجيءَ سان نہ کوليو ويندو هو يا ڏاڪي جي ڳنڍ نہ سلجهائي ويندي هئي، تيستائين شادي شده جوڙي جو اصلي وصل ٿيڻ ناممڪن هو. ان ڪري اهڙيءَ حرڪت ڪرڻ کي سخت ڏوه سمجهيو ويندو هو، يا جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو پڪڙ هو، تہ ان حالت ۾ انهيءَ بند ٿيل ڪلف يا ڳنڍ ڏنل رسيءَ يا ڏاڪي کي چورائي غائب ڪرڻ ان کان بہ زياده سنگين ڏوه سمجهيو ويندو هو. سنہ ١٧١٨ع ۾ فرانس جي شهر بورڊيو جي پارليامينٽ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڳنڍيءَ ڏنل ڏاڪي جي ذريعي هڪ سڄي خاندان کي برباد ڪرڻ جي ڏوه ۾ جيئري جلائڻ جي سزا ڏني هئي. اسڪاٽلينڊ ۾ ١٧٠٥ع ۾ ٻن ماڻهن کي موت جي سزا فقط ان ڪري ڏني ويئي هئي، جو انهن کن اهڙين جادوءَ وارين ڳنڍيءَ کي چورائي غائب ڪيو هو، جيڪي هڪ پوڙهيءَ مائيءَ ائشنٽلي شهر جي اسپالڊنگ خاندان وارن جي هڪ شادي شده جوڙي جي خوشيءَ ۾ رخني وجهڻ لاءَ تيار ڪيون هيون. انهن ڳنڍيءَ جي عمل ۾ پرٽ شائر جي پهاڙي علاقن جي ماڻهن جو اڙهين صدي عيسويءَ تائين محڪم يقين رهندو آيو، جو تہ انهيءَ زماني تائين "ٽميل" ۽ "ٽي" درياهن جي وچ وارين وادين جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾، نڪاح خوانيءَ کان اڳ هر هڪ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڪپڙن مان سڀ ڳنڍيون چوڙيون ويندیون هيون. هن وقت اها ساڳي رسم ۽ اهي ئي وهم اسان کي شام جي ماڻهن ۾ نظر اچن ٿا. جيڪي ماڻهو شامي گهوٽ کي سهاڳ رات جي پوشاڪ پهرائيندا آهن، سي انهن ۾ ڳنڍ ٻڌڻ ۽ بٽڻ پائڻ کان ڈاڍو حذر ڪندا آهن، جو تہ سندن اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن انهن ڪپڙن ۾ ڳنڍ ٻڌجي ويئي يا بٽڻ پڄي ويو، تہ پوءِ گهوٽ جي دشمن کي ڪيس شاديءَ رات ملهائڻ جي قوت کان محروم ڪرڻ جو موقعو ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو. گهوٽ کي نامرد ڪرڻ لاءِ، رسل ڪندڙ اهڙي وقت هن جي جسم جي ڪنهن به حصي کي رومال سان ڇهي ويندو آهي، جڏهن گهوٽ گهوڙي تي سوار ٿي، پنهنجيءَ ڪنوار کي وٺي اچڻ لاءِ بلڪل تيار ٿيو ٻيٺو هوندو آهي. پوءِ اهو رمّال انهيءَ رومال کي ڪنڊ ڏيئي چڏيندو آهي، ۽ جيستائين هو اها ڪنڊ نه کوليندو آهي، تيستائين ويچارو گهوٽ شاديءَ جو مزو ڪونه ماڻي سگهندو آهي.

ڪنڊين ڏيڻ سان ماڻهوءَ جي مٿان مصيبت، مرض ۽ موت به نازل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جنهنڪري اولهه آفريڪا جي "هوز" قبيلي وارو جادوگر پنهنجي دشمن کي بد دعا ڏيندو، گاهه ۾ ڪنڊ ٻڌندو، هيٺن چوندو ويندو آهي: "مون فلاڻي پٽ فلاڻي کي هن ڪنڊ ۾ ٻڌو آهي، شال سڀ مصيبتون مٿانئس نازل ٿين! جڏهن هو ٻنيءَ ۾ وڃي، شال ان وقت کيس نانگ کائي! جڏهن ٻاڦيءَ ۾ لهي، تہ شال ان کي ٻاڦي لوڙهي ڪڍي وڃي! شال برسات جي وقت کيس بجلي ساڙي! شال هن جون راتيون مصيبت ۾ گذرن!" انهن ماڻهن جو اهو اعتقاد هوندو آهي تہ جادوگر انهيءَ ڪنڊ ۾ پنهنجي دشمن جي ساهه کي بند ڪندو آهي. قران (شريف) ۾ هڪ هنڌ اهڙن ماڻهن جو حوالو ڏنل آهي—"جيڪي ڪنڊين تي دم ڦوڪيندا آهن." هڪ عرب مفسر انهيءَ آيت جي تفسير طور چيو آهي تہ اهي لفظ انهن عورتن لاءِ چيل آهن جيڪي ڏاڪڻ ۾ ڪنڊيون ٻڌي، انهن تي دم ڪنديون آهن ۽ وري انهن ڏاڪڻ کي هيٺان رکي انهن جي مٿان پاڻ ويهي رهنديون آهن. انهيءَ مفسر هڪ واقعي جو بيان ڪيو آهي تہ ڪيئن نہ هڪڙي ظالم يهودي هڪ دفعي خود پيغمبر (صلي‌الله عليه وسلم) تي، هڪ ڏاڪي کي نڙ ڪنڊيون ڏيئي، ۽ بعد ۾ ان کي کوه ۾ اڇلائي، جادوءَ جو اثر ڪيو هو. ان جي نتيجي ۾ پيغمبر (صلعم) بيمار ٿي ويو، ۽ چئي نٿو سگهجي تہ جيڪڏهن جبرئيل هن کي انهيءَ ڏاڪي جي دفن ٿيل واريءَ جاءِ جو ڏس نہ ڏئي ها، تہ الاجي ڪهڙو نتيجو نڪري ها! بهرحال وفادار علي (رض) هڪدم کوه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪولي، ان مان ڏاڪو ڪيڙي آيو، جنهن ڪان پوءِ پيغمبر صلعم ان جي مٿان ڪي اهڙيون آيتون پڙهيون، جيڪي هن ڏانهن خاص انهيءَ ڪم لاءِ وحيءَ جي ذريعي موڪليون ويئون هيون. هرهڪ آيت جي اختتام وقت، هڪ هڪ ڪنڊ پاڻيهي ڪلي ٿي ويئي، تان جو جڏهن سيئي ڪنڊيون ڪلي ويئون، تڏهن پيغمبر صلعم پنهنجي طبيعت ۾ فرحت محسوس ڪئي.

ڪنڊين جي ذريعي جيڪڏهن ماريو ويندو آهي، تہ انهن جي ذريعي جيئرو ٻرڪيو ويندو آهي. هي اعتقاد وري هن طرح سان آهي تہ جن ڪنڊين جي ذريعي تڪليف يا بيماري ڏني وڃي ٿي، انهن کي ڪوئ سان انهيءَ تڪليف کان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اهڙين تڪليف ده ڪنڊين جي هري ۾ منفي اثر جي علاوه، ڪي اهڙيون برڪت واريون ڪنڊيون ٻ هوندیون آهن، جن جو اثر اثباتي هوندو آهي ۽ انهن جي ذريعي بيمارين کان ماڻهوءَ کي بچائي سگهبو آهي. "پلني" چوي ٿو تہ ڪي ماڻهو نَرَن جي بيماريءَ لاءِ ڪوريڙي جي چار مان ڏاڪو ڪيڙي، ان کي ست يا نو ڪنڊيون ڏيئي، ان ڏاڪي کي بيمار ماڻهوءَ جي نَرَن وٽ ٻڌي چڏيندا هئا، پر علاج کي موثر ڪرڻ لاءِ، هرهڪ ڪنڊ ٻڌڻ وقت، ڪنهن نہ ڪنهن ٻيوه جو نالو کڻڻ ضروري هوندو هو. ترڪمانن وٽ بخار لاهڻ جي هڪ طريقي جو اسان کي "اوڊوتووان" هڪ عجيب نمونو ٻڌايو آهي. جادوگر اٺ جي ملس هڏ ۾ جهلي ان مان هڪ رسي ڪاهيندو آهي ۽ ملس کي وڏي وقت هو ڪي منتر پڙهندو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ رسيءَ ۾ ست ڪنڊيون ٻڌندو آهي ۽ هرهڪ ڪنڊ کي چڪن کان اڳ ان تي ڪجهہ دم ڪندو آهي. مريض انهيءَ ڪنڊين ڏنل ڏاڪي کي پنهنجيءَ ڪرائيءَ ۾ ڪنگڻ وانگر پائي چڏيندو آهي. روزانو هڪ ڪنڊ ڪولي، ان جي مٿان دم ڪيو ويندو آهي، جڏهن ست ئي ڪنڊيون ڪلي ويندیون آهن، تڏهن ان مان هڪ ڪول ڪينهو ڪاهي وهندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح (بيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سمجهندا آهن)، وهندڙ پاڻي بخار کي ساڻ ڪڻي هليو ويندو آهي.
ڪن وقتن تي وري جادوگراڻيون پنهنجن عاشقن کي پاڻ سان
ٻڌي ڇڏڻ لاءِ، ڪيڏين ڪان ڪم ونڊيون آهن. اهڙيءَ طرح
"ورجل" ۾ محبت جي ماريل نازنين پنهنجي عاشق 'ڊافنس' کي
شهر مان جادوءَ جي زور تي ڇڪي پاڻ ڏانهن آڻڻ لاءِ تن مختلف
رنگن جي ڌاڳن کي ٽي ڪيڏيون ڏنيون هيون. اهڙيءَ طرح، هڪ
عرب دوشيزه پنهنجي محبوب کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ ۽ هن
جي دل جي تسخير لاءِ، هن جي چهبڪ کي ڪيڏيون ڏنيون هيون،
۽ ويچاريءَ دوشيزه جي رقيبياڻيءَ اهي ڪيڏيون ڏسي ورتيون ۽
انهن کي ڪولي چڏيائين. ساڳئي اصول تي پڳل ماڻهوءَ کي روڪڻ
لاءِ ڪيڏين کي استعمال ڪيو ويندو آهي. آفريڪا ۾، سڌازيلئنڊ
علائقي ۾ هرڪنهن ٻيڙي جي پاسن کان ايرندڙ گاه ۾ ڪيڏيون
ڏنل ڏسڻ ۾ ايندڙيون. انهن مان هرهڪ ڪيڏ ڪنهن نه ڪنهن
گهريلو جهنگڙي جي نشاني هوندي آهي. ڪا نه ڪا عورت
پنهنجي مڙس جي گهران ٻاهر ويئي هوندي آهي، ۽ ان جي مڙس
جا مائٽ، دوست ۽ عزيز ان جي گهڻن ۽ گهيڙن کي بند ڪرڻ لاءِ
سيني رستن تي گاه کي ڪيڏيون ڏيندا ويندا آهن، ته جيئن اها عورت
هنن کي گوهي ڏيئي ڪيڏانهن ٻاهر نه ٽپي وڃي. روس جي علائقن
۾ مڇي مارڻ جي جار کي ان ڪري جادوگرن جي خلاف
مؤثر هٿيار سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته ان ۾ بي انداز ۽ بيشمار
ڪيڏيون ڏنل هونديون آهن، ان ڪري جنهن وقت ڪنوار کي
سندس سهاڳ جو جوڙو پهرايو ويندو آهي، تڏهن مٿانئس جار
اڇلايو ويندو آهي ته جيئن مٿس جادوءَ جو اثر نه ٿئي. ساڳئي
ئي سبب ڪري گهوڻن کي جار مان ٺهيل ڪمرپٽا ٻڌا ويندا
آهن، جو ته جادوءَ جي عمل کي اڻرائتي ڪرڻ لاءِ، جادوگندڙ
کي يا ته گهوٽ جو اهو ڪمرپٽو لاهڻو پوندو، يا ان جي سيني
ڪيڏين کي کولڻو پوندو. پر گهڻن وقتن تي روسي تعويذ فقط
سادن ڪيڏين ڏنل ڌاڳن جي صورت ۾ هوندا آهن. ڳاڙهيءَ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لڇيءَ کي هانهن ۽ تنگن ۽ ويڑهه سان سنڌن جا سڀ سور ۽ بخار لهي ويندا آهن. هار کي ڪيئن ؟ هيرڻ جي بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ، اهڙين نون لڇين کي ان جي گلي ۽ هڏو ويندو آهي. ٽيوبر بيٽ جي حڪومت طرفان، ڪئن جي ڏڻ جي اڳيان جيڪا ڪئون هلندي آهي، تنهن جي ڪڇيءَ ۽ هڪ خاص قسم جي ٽيلهي ٻڏل هوندي آهي، جا انهن کي بگهڙن جي حملي کان محفوظ رکڻ لاءِ ٻڌي ويندي آهي، چو ته ان جو عمل درندي جي جاڙين کي بند ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي نموني سان جڏهن بهار جي موسم ۽ گهوڙن جا ولر جهنگ ڏانهن چارڻ لاءِ وڃي ويندا آهن، تڏهن هڪڙو ماڻهو ولر جي اڳيان ڪلف هٽ ۽ ڪٽي، ان کي بند ڪندو ۽ کوليندو رهندو آهي ۽ زبان سان هي الفاظ ادا ڪندو رهندو آهي: "آءٌ هن فولادي ڪلف ذريعي پنهنجن گهوڙن کي بچائڻ لاءِ، بگهڙن جون جاڙيون بند ڪري رهيو آهيان."

ڪنڊيون اهڙيءَ طرح، نه صرف جادوگرن ۽ بگهڙن جي بد اثر کي دفع ڪنديون آهن، پر ڪن وقتن تي انهن کي موت جي خلاف ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنہ ۱۵۷۲ع ۽ جڏهن سينٽ انڊريوز وٽ هڪ عورت کي، ڏائڻ هئڻ جي الزام ۽، جيئري جلائڻ لاءِ، مقتل ۽ آندو ويو، تڏهن هن جي گلي ۽ ڏاڪڻ جو ٽهيل ڪالر ڏنو ويو، جنهن جي تاجيءَ ۽ ٻيٽي ۽ ڪنڊيون ڏنل هيون. هن کان اهو ڪپڙي جو ٽڪر، سندس سخت احتجاج جي باوجود، کسيو ويو، چو ته هن جو اعتقاد هو ته ان جي موجودگيءَ ۽ هوءَ ٻاهه جي شعلن کان محفوظ رهجي ويندي. جنهن وقت هن کان اهو ڪپڙو کسيو ويو، تڏهن هن چيو ته "هاڻي سون کي ٻنهنجي بچڻ جي ڪا به اميد ڪانهي." انگلنڈ جي ڪيترن حصن ۽ هي اعتقاد عام جام آهي ته جيستائين گهر ۽ ڪو ڪلف ۽ ڪنڊو بند هوندو، تيستائين ان گهر ۽ ڪنهن جو به ساه ڪونہ نڪري سگهندو. ان ڪري جڏهن ڪنهن به گهر جا ماڻهو مريض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي متعلق اها ڳالهه پاڻهي وڌندا آهن ته هو پڪ مرندو ۽ سندس جيئڻ جو ڪوبه وڏيڪ آسرو ڪونهي، تڏهن هو گهر جا سڀ ڪڙا، ڪنڌا ۽ ڪلف ڪولي ڇڏيندا آهن، ته جيئن ان جي روح کي خارج ٿيڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي ۽ هن جي مشڪل آسان ٿئي. مثال طور، سنہ ۱۸۶۳ع ۾، ٽائٽن جي شهر ۾ هڪ نئيڙو چوڪرو بيمار ٿيو هو ۽ سندس مائٽن کي سندس موت اڳ ۾ نظر آيو. هاڻ سخت تڪليف ٿي رهي هئي، جنهن تي "محلي وارن سيني پوڙهين زالن جو هڪ ميڙ ڪوٺايو ويو، جن هاڻ کي موت جي سختيءَ کان بچائڻ لاءِ گهر جا سڀ دروازا، سڀ بندوقون، ميزن جا سڀ خانا، ڪبٽ، ڪلف، ڪڙا ۽ ڪنڌا ڪولاڻي ڇڏيا، ۽ هاڻ کي ڪٽائي دروازي جي اڳيان رکائي ڇڏيو ته جيئن ان جي نئيڙي روح کي ابد جي سفر اختيار ڪرڻ لاءِ آزاديءَ جو پروانو ۽ رستو آسانيءَ سان ملي وڃي." پر عجب آهي ته هاڻ انهن سيني سهوليتن ڏانهن ڪوبه توجهه ڪونه ڪيو ۽ ٽائٽن شهر جي پوڙهين ۽ سياڻين عورتن جي انهيءَ فهم و فراست ۽ تجربي کي ان بيڪار ٻڌائي ڇڏيو، جو ته هُن انهيءَ وقت سڙڻ کان زندگيءَ کي زياده ترجيح ڏني ۽ ٻڌي ويو.

هي جو جادوءَ ۽ مذهب جي ڪن رسمن جي ادا ڪرڻ وقت، وارن کولڻ ۽ پيرين اگهاڙو ٻڌڻ جو قانون بنايو ويو آهي، سو به انهيءَ ئي عقيدي جي ماتحت نظر اچي رهيو آهي ته جيئن ڪنهن به ڳنڍ يا بندش جي سبب ڪري، هلندڙ ڪر ۾ ڪا رڪاوٽ نه پوي ۽ اهو اڏ ۾ روڪجي نه وڃي. روحاني ۽ جسماني حرڪات کي روڪڻ ۽ بند ڪرڻ جي طاقت، ڪي ماڻهو وري منڊين ۽ چلن ڏانهن ۽ منسوب ڪندا آهن. ان ڪري ڪارپينٽس پيٽ جا ٻاشندا مثل ماڻهوءَ کي جيڪي ڪيڙا وجهندا آهن، تن ۾ بٽڻ ڪونه استعمال ڪندا آهن ۽ ساڳئي وقت ان جي هڏن مان سڀ منڊيون ۽ چلا لاهي ولندا آهن، "چو ته هو چوندا آهن ته روح چيچ ۾ ۽ الڪي سکهي ٿو ۽ ٻوڌ هو آرام ڪونه ڪري سگهندو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن حالت ۾ هيءَ ڳالهه صاف آهي ته جيتوڻيڪ انهن واضح طور مڃيو وڃي ٿو ته موت وقت روح آڳرين جي چوٽين کان باهر ڪونه ٿو نڪري، تڏهن به اهو اعتقاد دل ۾ موجود آهي ته آڳر ۾ پيل منڊي ان کي اڪائي ۽ روڪي سگهي ٿي ۽ ٻوءِ هن خاڪي جسم مان باهر نڪرڻ جي هزارها ڪوششن جي باوجود، هو اندر قاسي پوي ٿو ۽ باهر نڪرڻ کان رهجي ٿو وڃي. الغرض ته ڪنڊ وانگر منڊي به روحاني زنجير جو ڪم ڪري ٿي. يونانين جو هڪ اصول هو ته 'منڊيون نه پائڻ گهرجن.' انهيءَ اصول جو وجود يونان جي مشهور فيلسوف فيثاغورث ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ اصول جو اصلي سبب به شايد اهوئي هو، جنهن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيوَ. 'لائڪوشورا' وٽ جيڪا ديويءَ جي قديمي آرڪيڊين مڙهي هئي، تنهن ۾ ڪنهن به مرد يا عورت کي منڊي پائي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هئي. جيڪي ماڻهو "فانس" جي اوتار کان غيب جون خبرون وٺڻ چاهيندا هئا، تن کي پاڪ ۽ صاف رهڻو پوندو هو، ماس ۽ مڇيءَ کائڻ کان پرهيز ڪرڻي پوندي هئن، ۽ آڳرين ۾ منڊين پائڻ جي کين اجازت ڪانه هئي.

ڀر ٻئي طرف وري اها ساڳي رڪاوٽ، جا روح جي نيڪال کي روڪي ٿي، سا بد روحن کي ماڻهوءَ جي جسم ۾ داخل ٿيڻ کان به روڪي سگهي ٿي، ان ڪري اسان کي اهڙا ڪيئي ماڻهو نظر ايندا آهن، جي جنن، پوتن ۽ ڏاڙين کان محفوظ رهڻ لاءِ، منڊين کي تعويذن طور استعمال ڪندا آهن. ٽائرول وارا جوندا آهن ته ڪنهن به ويهر واريءَ عورت کي شاديءَ واري منڊي نه لاهڻ گهرجي، نه ته بدروح ۽ ڏاڙيون هن جي مٿان حاوي ٿي ويندیون. لٽيلنڊ ۾، جيڪو ماڻهو جنازي کي ڪفن واريءَ پٽيءَ ۾ بند ڪندو آهي، تنهن کي فوتيءَ جا پسمانده، جهڙوڪ مڙس، زال يا ٻار وغيره، پانهن ۾ وجهڻ لاءِ پٽل جو هڪ ڪنگڻ ڏيندا آهن، جنهن کي هو جنازي کي سلامتيءَ سان قبر ۾ داخل ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين احتياط سان پنهنجيءَ ٻانهن سان ٻڌي ڇڏيندو آهي. هن صورت ۾ مٽي ماڻهوءَ جي روح جي حملي کان محفوظ رهي لاءِ اهو ڪنگڻ تعويذ جي طور استعمال ڪيو ويندو آهي. هي مسئلو دلچسپ ۽ قابل غور آهي ته آگرين ۽ منڊين ۾ ڇڻ وجهڻ جو رواج، شروعات ۾ روح کي جسم اندر موجود رکڻ يا بدروحن، پوتن ۽ ڏاڻين کي جسم اندر داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ، بطور تعويذ جي استعمال ڪيو ويو هو جا؟ ۽ جي هائو، ته ڪيتريقدر! بهرحال هتي فقط اسين انهيءَ اعتقاد تي غور ڪنداسون ته فلئمن ڊيالس کي ڏڻل منڊيءَ کان سواءِ ٻي ڪا سڃي يا ثابت منڊي وجهڻ جي ڇو اجازت ڪانه هئي. معلوم ٿو ٿئي ته سندس جسم تي ٻيل ڪنهن ٻ ڪپڙي کي ڇڏي نه ڏيڻ ۽ سڃيءَ منڊيءَ ته وجهڻ جون بندشون هن تي فقط ان ڪري عائد ٿيل هوون ته جيئن ان جي طاقتور روح کي باهر نڪرڻ ۽ وري دوباره اندر داخل ٿيڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي ۽ هن جي آزاديءَ تي منڊين ۽ ڇڏين جهڙيون روحاني توڙي مادي رڪاوٽون عائد نه رهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب باويهون

ممنوع الفاظ

۱ـ شخصي ذاتن کڻڻ ڪي ہدايت: شين ۽ لفظن جي درميان ڪو فرق يا امتياز محسوس نہ ڪندي، هڪ وحشي عام طرح سان ائين ٿو سمجهي تہ نالي ۽ ماڻهوءَ يا ڪنهن شيءَ جي درميان جيڪو رابطو آهي، سو ڪوئي خيالي يا اچاتو نہ آهي، پر اهڙو گهرو ۽ حقيقي آهي، جو جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي سندس وارن، ننهن يا جسم جي ٻئي ڪنهن ٻ حصي يا عضوي جي ذريعي جادوءَ سان نقصان پهچائي سگهجي ٿو، اهڙيءَ طرح نالن جي وسيلي ٻ واسطيدار ماڻهوءَ يا شيءَ کي ضرر پهچائي سگهجي ٿو. درحقيقت اوائلي ماڻهو پنهنجي نالي کي پنهنجي ذات جو هڪ اهم حصو سمجهي ٿو، ۽ ان جي حفاظت ٻ اهڙي ٿي نموني سان ڪري ٿو ان ڪري اتر آمريڪا جو ڳاڙهو هندستاني پنهنجي نالي کي پنهنجي شخصيت جو محض هڪ نشان نٿو سمجهي، پر ان کي ان جو اهڙو ئي نمايان ۽ اهم حصو سمجهي ٿو، جهڙو هو پنهنجين اکين، ڪنن وغيره کي ٿو سمجهي، هن کي اهو ٻ يقين آهي تہ جهڙيءَ طرح سندس جسم جي ٻين عضون کي ڏکڻ هٿ سان ڪيس يقيناً ايذاءَ پهچندو، اهڙيءَ طرح سندس نالي کي ضرر پهچائڻ سان ٻہ جادوگر يا ٻيو ڪو دشمن ڪيس نقصان پهچائي سگهندو. اهو اعتقاد انهن سڀني قديم قومن ٻ ڏٺو ويو آهي، جيڪي آمريڪا جي انڈالانڊ واري ڪناري کان ولي ان جي ٻئي پاسي واري ڪناري تائين رهندڙ آهن، جنهنڪري انهن ٻ پنهنجن نالن کي لڪائڻ ۽ بدلائي چڏڻ جون ڪيتريون ئي عجيب و غريب رسمون پيدا ٿي ٻيٿون آهن. ڪي ايسڪيمو نسل وارا پوڙهيڻ ٻ پاڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوان نالا رکائيندا آهن، ته جيئن سندن عمر وڌي ٿئي. سيليبس پيٽ جا "ٽولا مٽو" قبيلي وارا سمجهندا آهن ته ڪو به ماڻهو جيڪڏهن منجهائن ڪنهن جو نالو لکي پاڻ سان کڻي ويندو، ته ان جو روح ۽ ان جي نالي سان گڏ هليو ويندو. ڪيترن وحشي قبيلن وارا اڄ ۽ پنهنجن نالن کي پنهنجن جسمن جو اهم حصو سمجهندا آهن، جنهنڪري هو پنهنجن اصلي نالن کي عجيب غريب نمونن سان پوشيده رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، چاڪاڻ ته هنن کي اهو ڊپ رهندو آهي ته ماڻهن کو دشمن انهن جي ذريعي ڪين نقصان نه پهچائي.

هن باري ۾ اسان پنهنجي چڪاس وحشي معاشري جي انهن ماڻهن کان وٺي شروع ڪنداسون، جي سماجي ارتقا جي هيٺئين ۾ هيٺئين ڏاڪي تي اسان کي بيٺل ڏسن ۾ ٿا اچن. آسٽريليائي قديم باشندا پنهنجن اصلوڪن نالن کي انهيءَ خيال سان پوشيده رکندا آهن، جو "هو سمجهندا آهن ته ماڻهوءَ جي نالي ۾ اهڙي خاصيت ٿئي ٿي، جو ان جو چاڻندڙ جادوءَ ذريعي ان جي مالڪ کي ضرر پهچائي سگهي ٿو." هڪ ٻيو مصنف لکي ٿو ته "هڪ آسٽريليائي سياه فام پنهنجي اصلوڪي نالي ٻڌائڻ لاءِ آماده ڪونه ٿيندو آهي، چو ته هن کي اهو ڊپ رهندو آهي ته جادوگر سندس نالي جي ذريعي کيس نقصان پهچائيندا." وچ آسٽريليا جي علائقن ۾ جيڪي قبيلا آباد آهن، تن جي هر هڪ مرد، عورت ۽ ٻار کي پنهنجي شخصي نالي کان علاوه، جنهن سان هن کي عام طرح ڪوئيو ويندو آهي، هڪ مخفي نالو به هوندو آهي، جو هن کي جنم وقت ڏنو ويندو آهي ۽ جنهن کان فقط قوم جا پريا مڙس ۽ گهر جا ياتي ٿي واقف هوندا آهن، ۽ اهڙن خفيه نالن جو استعمال، سواءِ ڪن خاص موقعن جي، پين وقتن تي ڪونه ڪيو ويندو آهي، زالن جي سامهون يا ڪنهن ٻئي قبيلي جي ماڻهن جي روبرو اهڙن نالن کي استعمال ڪرڻ، قبيلي جي قانون جي سنگين انحرافي سمجهيو ويندو آهي- انهيءَ ڏوه کي اهڙو سنگين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ويندو آهي، جهڙو مهذب معاشري ۾ ڪنهن مذهبي اصول يا قانون جي پيڪڙيءَ کي سمجهيو ويندو آهي. بهرحال، ضرورت کان مجبور ٿي، جڏهن به اهڙي ٽالي کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت درپيش ايندي آهي، تڏهن ان کي بلڪل آهستي ڪنيو ويندو آهي- سو به تڏهن، جڏهن ان کان پيشتر کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون ويندیون آهن- جنهن کان پوءِ به انهيءَ ٽالي کي اهڙي ته ڏيمي آواز ۾ ڪنيو ويندو آهي، جو ڪن خاص واسطيدار ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪوبه غير آدمي ان کي ٻڌي نه سگهي. "وحشي ائين سمجهندو آهي ته جيڪڏهن ڪو غير ماڻهو سندس ٽالي کان واقف ٿي ويندو، ته هن کي جادوءَ جي طاقت سان ڪيس نقصان پهچائڻ جي خاص قوت حاصل ٿي ويندي."

اوائلي مصرين ۾ به، انهيءَ ڊپ جي سبب ڪري، اهڙي قسم جي هڪ رسم وجود ۾ هئي. مصري تهذيب جيتوڻيڪ هونئن ٻين تهذيبن کان نسبتاً ترقي يافته هئي، پر ڪيترين گالهين ۾ منجهس پست کان پست ٻيل وحشين جهڙيون اخلاق سوڙ رسمون ۽ موجود هونديون هيون. هرهڪ مصريءَ کي به نالا ڏنا ويندا هئا، جن مان هڪ کي "سچو نالو" ٻئي کي "سٹو نالو"، يا هڪ کي "وڏو نالو" ۽ ٻئي کي "ننڍو نالو" سڏيو ويندو هو، "سٹي" يا "ننڍي" ٽالي کي ظاهر ڪيو ويندو هو ۽ "سچي" يا "وڏي" ٽالي کي ڏاڍيءَ حفاظت سان پوشيده رکيو ويندو هو. برهمڻ جي چوڪري کي به نالا ڏنا ويندا آهن، جن مان هڪ کي عام طور استعمال ڪيو ويندو آهي، باقي ٻئي جي خبر سندس ٻيءَ ۽ ماءُ کان علاوه ٻئي ڪنهن کي نه ڪائنہ هوندي آهي. اهو نالو فقط مذهبي رسمن يا شاديءَ جي موقعي تي استعمال ٿيندو آهي. نالن جو اهو طريقو ماڻهوءَ کي جادوءَ جي حملي کان بچائڻ ۽ محفوظ رکڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو آهي، چو ته ڪنهن به جادوءَ جو عمل سچي ۽ اصلي ٽالي تي ئي اثرپذير ٿيندو آهي. 'نياس' علائقن جا ماڻهو چوندا آهن ته جيڪڏهن ماڻهوءَ جو اصلي نالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زور سان وٺبو، تہ آسپاس جا ٻوٽ اهو نالو ٻڌي ونندا ۽ خواهمخواه ان ماڻهوءَ کي نقصان پهچائيندا. ان کري نندڻ ۽ معصوم ٻارن جا نالا کڏهن ٻ زور سان کڻڻ کنيا ويندا آهن، ڇو تہ انهن تي ٻوٽن جو حملو جلد ۽ آساڻيءَ سان ٿيندو آهي، گهٽو کري اکرين يا ڳرين جاين تي، خاص طرح ٻيلن جي گهاٽن هنڌن، درياهن جي ڪنارن، چشمن جي آسپاس، ماڻهو هڪٻئي کي پنهنجن اصلي نالن سان سڏڻ کان سخت پرهيز ڪندا آهن.

"چلو" علائقي جا ڳاڙهها هندستاني پنهنجن اصلوکن نالن کي وس پچندي کڏهن ٻ ظاهر ٿيڻ نہ ڏيندا آهن، ۽ نہ کنهن کي اهي نالا زور سان کڻڻ ٿي ڏيندا آهن، هو چوندا آهن تہ ٻڌن ۽ ٻين جاين تي ننڍڙا شيطان ۽ بد روح موجود هوندا آهن، جن کي جيکڏهن کنهن ماڻهوءَ جي اصلي نالي جي خبر پئجي ويندي، تہ ان کي هو نقصان پهچائيندا، پر جيستائين انهن کي کنهن ٻ ماڻهوءَ جي اصلي نالي جي خبر نہ هوندي آهي، تيستائين هو ان جو وار ٻ ونگو ڪونہ ڪري سگهندا آهن. اراکان جا ماڻهو گهٽو کري اجنبي ماڻهن کي پنهنجا اصلوکا نالا کونہ ٻڌائيندا آهن، ڇو تہ کين ڊپ رهندو آهي تہ هوان جي ذريعي مٿانئن کانئن کا آفت نازل ڪندا. اراکان جي کنهن ٻ ماڻهوءَ کان جيکڏهن کوٻ غيرواقف ماڻهو نالو پچندو تہ هو فوراً اهو جواب ڏيندو تہ "مون کي کوٻ نالو ڪونهي." اوجيبوي قبيلي جي ڳاڙهي هندستانيءَ کان جڏهن ٻ ڪو ماڻهو نالو پچندو آهي، تڏهن هو ٻاسي ٻ ٻئل کنهن ٻئي ماڻهوءَ کي چوندو آهي تہ "تون ٻڌائينس". چون ٿا تہ هو پنهنجي نالي ٻڌائڻ کان ان کري ڪائيندا آهن، جو ننڍپڻ کان هنن جي دماغ تي اهو اثر ويهاريو ويندو آهي تہ هو جيترا دفعا پنهنجو نالو پنهنجي زبان سان ولندا، اوترو ٿي حساب سان سندن طاقت، قد ۽ جسماني واڌارو گهٽ ٿيندو ويندو. "نالي نہ ٻڌائڻ جي انهيءَ عادت کري کيترا ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ اوجيبوي قبيلي وارن کي يا تہ نالا آهن ئي کونہ، يا وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کان پنهنجا نالا وسري ٿا وڃن."

هين حالت ۾، يعني جڏهن ماڻهوءَ جو نالو پيو ڪوڪٽي ٻڌائي، اوجيوي قبيلي وارا ڪوبہ ڊپ ڪونہ ڪندا آهن، نقصان جو انديشو هو فقط ان حالت ۾ سمجهندا آهن، جڏهن ڪو ماڻهو ٻهنجو نالو پاڻ ڪٽي ٻڌائيندو آهي. ائين ڇو آهي؟ ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کي خاص طرح پنهنجي جسماني اوسرجي روڪجي وڃڻ جو ڊپ ڇو ٿو ٿئي؟ انهيءَ متعلق اسان رڳو هي انومان ڪڍي سگهون ٿا تہ اهڙي وحشيءَ جي خيال ۾، جيڪو انهيءَ نموني سان سوچي ٿو، سندس نالو سندس جسم جو حصو فقط تڏهن معلوم ٿئي ٿو، جڏهن هو ان کي پنهنجي زبان سان پاڻ ادا ڪري ٿو، ۽ جيڪڏهن اهو ٻئي ڪنهن جي زبان سان ادا ٿئي ٿو تہ ٻوءُ هو ان سان پنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونہ ٿو سمجهي ـ جنهنڪري ان حالت ۾ هن کي ڪنهن بہ نقصان جو انديشو نٿو رهي. سندن قديم "فيلسوفن" اهائي دليلبازي ڪئي هوندي تہ 'پنهنجي نالي کي پاڻ ٻڌائڻ سان ماڻهو پنهنجي وجود جي هڪ اهم حصي کي پاڻ کان جدا ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ خطرناڪ رفتار سان ان کي استعمال ڪندو رهيو، تہ ٻوءُ ان جو نتيجو لازمي طور اهو نڪرندو، جو هو آخرڪار پنهنجي سڄي قوت ختم ڪري، پنهنجي جسماني بناوت ۽ قد وقامت کي نقصان پهچائيندو!' قديم زماني جي انهن ساده لوح ناصحن نشي ۾ مدهوش شرابين ۽ لاعلاج مريضن ڏانهن، جن اڪثر پنهنجا نالا ڪٽي ڪٽي ٻئي وڌيڪ هوندو، اشارو ڪندي پنهنجن ڪيترن شاگردن کي چيو هوندو تہ "ڏسو! پنهنجي نالي کي اهڙيءَ لاپرواهيءَ ۽ غفلت سان بار بار ڪٽڻ جو اجهو اهو نتيجو آهي!"

انهيءَ ڳالهہ کي اسين ڪڍي ڪهڙي بہ نموني سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون، پر اصل حقيقت هيءَ آهي تہ وحشي پنهنجي نالي کي پنهنجي زبان سان ادا ڪرڻ ڪان ڈهندو آهي، البت هن کي انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ اعتراض ڪونہ هوندو آهي تہ پيو ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي استعمال ڪري، ايٽريڪٽر جو جيڪڏهن هن کان ڪو اڻواقف ماڻهو نالو پڇندو آهي، تہ هو پرسان ٻئل ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس نالي بڌائڻ لاءِ پاڻ چوندوآهي. مثال‌طور، مڌرا گاسڪر جي ڪن علائقن ۾ ڪوبہ شخص پنهنجو نالو پاڻ کين بڌائيندو، پر نالي پڇڻ تي سندس نوڪر يا ساٿي هن جي پاران جواب ڏيندو. خيال جيي ساڳيي ئي ناهمواري ۽ هاڪي تضاد اسان کي آمريڪي هندستانين وٽ ۾ موجود ملي ٿو. مثال طور، اسان کي بڌايو ويو آهي تہ "آمريڪي هندستاني" جو نالو هڪ پاڪ چيز سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي، سواءِ ڪنهن وڏي سوچ وبچار جي، ڪڏهن بہ هو پاڻ ظاهر ڪرڻ ڪندو آهي. ڪنهن بہ قبيلي جي جنگي جوان کان جيڪڏهن سندس نالي جي پڇا ڪبي، تہ هو ان جو ٻن طريقن سان جواب ڏيندو: يا تہ هو اهڙي نموني سان بيخيالو منهن ۾ ٻيئو نهاريندو، جڏ تہ هن سوال جو مطلب ئي ڪونہ سمجهيو آهي، يا وري هو نالي بڌائڻ کان صاف انڪار ڪندو. پر جيڪڏهن انهيءَ وقت سندس ڪوئي واقف يا دوست اتي اچي سهڙندو، تہ هو ان کي سس پس ڪري چوندو تہ 'اجنبيءَ کي منهنجو نالو بڌاءِ!' جڏهن ٻئون ماڻهو اڳئين جو نالو بڌائي ٻيهندو، تڏهن وري هو ٻهربون ٻوڙين جو نالو بڌائيندو." ساڳيو ئي وهم برٽش ڪولمبيا جي ڪاڙهن هندستانين ۾ بہ موجود آهي، ۽ چون ٿا تہ "عام طرح سان سيني قبيلن جا ماڻهو پنهنجي نالي بڌائڻ کان ڊڄندا آهن، جيتوڻيڪ منجهانئن ڪيئي هڪٻئي جا نالا بغير ڪنهن اعتراض جي ڏسي ڏيندا آهن. ان ڪري ڪنهن ۾ هندستانيءَ جي سچي نالي جي ڪائنس 'يا تيستائين' خبر ڪانہ ٿيندي آهي، جيستائين ڪو ان جو دوست يا سڃاڻندڙ اتان اچي لانگهائو ڏئي." ايست انڊين ٻڌن ۾ جيڪي بہ قبيلا آباد آهن، انهن ۾ بہ اها ساڳي رسم موجود آهي. اتان جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان سڌو سنئون اهو سوال پڇڻ تہ "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" هڪ نهايت ئي بيهودو سوال سمجهيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ۽ ڪنهن انتظامي يا عدالتي ڪارروائيءَ جي دوران ۾ ڪو عملدار ڪنهن ايسٽ انڊين ڪان سندس نالو پڇندو آهي، تڏهن هو سڏي جواب ڏيڻ بدران پنهنجي پرسان ٻيئل ڪنهن دوست يا واقف ڏانهن نهاريندو آهي، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته "تون ٻڌاءِ!" ـ يا "هين ڪان پڇ!" ايسٽ انڊيز جي سڀني ٻڌن ۾ اهو وهم عام جام ڏلو ويو آهي، ۽ ڪو به قبيلو يا قوم ان ڪان آزاد ڪانه آهي، اهو وهم اتان جي "موٽو" ۽ "موٽو موٽو" قبيلن، شمالي نيوگائنا جي بندرگاه فنچهئون ۾ رهندڙ "پاپوئان" قبيلي وارن، ڏچ نيوگائنا جي "نفئور" ۽ بسمارڪ ڪچي ڏرتيءَ جي "ميلانيشين" قبيلن ۾ موجود آهي. ڏکڻ آفريڪا جا مرد ۽ زالون ۽ پنهنجي نالي ٻڌائڻ ڪان موشو ڪندا آهن، ۽ جيڪڏهن سندن پرسان ٻيو ڪو انهن جو واقف ماڻهو ٻيئل ڪونه هوندو آهي، جيڪو سندن نالو ٻڌائي، تہ پوءِ هو لاچار پنهنجو نالو ٻڌائي ڇڏيندا آهن ۽ هروپرو ضد ڪونه ڪندا آهن.

ڪن صورتن ۾ پنهنجن نالن ٻڌائڻ تي دائمي بندش عائد ٿيل ڪانه هوندي آهي، پر ڪن خاص موقعن ۽ حالتن ۾ ئي عارضي طور وڏي ويندي آهي، ۽ جيئن ئي اهي خاص حالتون ختم ٿي ويندیون آهن، تيئن اها بندش ۽ هٽائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح، جڏهن "نندي" قبيلي وارن جا مرد ٻاهر جنگ تي هوندا آهن، تڏهن سندن ڀرپٽ ڪوبه ماڻهو انهن جو نالو ڪونه ڪٽندو آهي، ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو ذڪر نڪرندو آهي، تہ پوءِ پڪين جي نالن سان انهن ڏانهن اشارو ڪري ڳالهايو ويندو آهي. اتفاق سان جيڪڏهن ڪو اڻڄاڻ ۽ بي سمجهه ٻار انهن مردن مان ڪنهن جو شخصي نالو ڪڍي ان جو ذڪر ڪندو آهي، تہ پوءِ سندس ماءُ ان کي تڙي ڏيندي آهي ته "خاموش! جيڪي پڪي جنت ڏانهن ويا آهن، تن جو ذڪر نہ ڪر!" ڪانگو ماڻريءَ جا "بنگالا" جيستائين مڇين مارڻ جي مهم تي ويل هوندا آهن ۽ جيستائين اهي واپس ڪونہ اچندا آهن، تيستائين انهن جو اصلي نالو ڪوبه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ڪٹندو آهي. ڪهڙي به مهاڻي جو ذڪر نڪرندو آهي، تہ بنان ڪنهن امتياز يا فرق جي، ان کي "ميويلي" ڪري ڪوٺيندا آهن. ان جو سبب هيءَ آهي تہ اتان جا ماڻهو چوندا آهن تہ سچو درياه نديڙن نديڙن 'روحن' سان ڀريو پيو هوندو آهي، ۽ انهن کي جيڪڏهن مهاڻي جي اصلي نالي جي خبر پوندي، تہ هن کي يا تہ شڪار ڪونہ ملندو، يا وري ملندس ئي، تہ تمام ٿورو. مڇي ماري، ڪناري تي پهچڻ کان پوءِ ئي، سندس مڇيءَ جو خريدار هن کي اصلي نالي سان ڪونہ سڏيندو آهي، جڏهن ئي هن کي ڏانهس مخاطب ٿيڻو پوندو آهي، تڏهن هو کيس "مويلي" ڪري ڪوٺيندو آهي. چو تہ درياه جا اهي نديڙا روح ٻڌهہ مهاڻي جي ڪيڏ هوندا آهن ۽ سندس اصلوڪو نالو ٻڌي ان کي ياد ڪري چڏيندا آهن، جنهنڪري ٻئي دفعي هو کيس ضرور نقصان رسائيندا، يا وري اتي جو اتي سندس قاسايل مڇين کي اهڙو تہ خراب ۽ بدبودار ٻٽائي چڏيندا، جو ويچاري مهاڻي کي تمام ٿورا پيسا پلئہ پوندا، يا بلڪل ڪجهہ ئي ڪونہ ملندس. ان ڪري جوڪڏهن کي ئي لاپرواه گراهڪ هن جو اصلوڪو نالو ولي هن سان مخاطب ٿي پوندو آهي، تہ پوءِ مهاڻي کي اهو حق ملي ويندو آهي تہ هو ان ماڻهوءَ کان پنهنجين سڀني مڇين جي قيمت بروقت پرائي پاڻ کي نصيب جي برائيءَ کان بچائي ولي. نيو برٽن جا "سلڪا" قبيلي وارا جڏهن پنهنجي دشمن "ڪاڪني" قوم وارن جي سرحد جي قريب هوندا آهن، تڏهن هو انهن جا سڀ نالا ڪونہ ڪٹندا آهن، چو تہ هنن کي اهو وهم ويڙهل آهي تہ جيڪڏهن هو پنهنجن دشمنن جا نالا وٺندا، تہ انهن کي جادوءَ رستي سندن موجود گيءَ جو عام ئي ويندو، ۽ هو مٿن حملو ڪري، کين قتل ڪري چڏيندا. ان ڪري جڏهن ئي هو "ڪاڪني" قوم وارن مان ڪنهن جو ذڪر ڪندا آهن، تہ ان کي "لاپسيڪ" جي عام لفظ سان ياد ڪندا آهن، جنهن جي لفظي معنيٰ "سڙيل ٻڌل" هوندي آهي. هو سمجهندا آهن تہ دشمنن کي انهيءَ نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سڌڻ ڪري، هو انهن جي عضون کي سڙيل بندن وانگر ڪورا ۽ بيجان ۽ بي طاقت ڪري سگهندا. هن مثال مان ثابت ٿئي ٿو ته وحشي مختلف لفظن جي اصلي معنيٰ ۽ مفهوم کي موثر ۽ ڪارگر سمجهن ٿا ۽ سندن ويساه آهي ته ڪنهن به ماڻهوءَ يا بيجان شيءَ کي: ڪنهن خاص لفظ سان سڌي، هو ان ۾ ان لفظ جون معنوي خاصيتون پيدا ڪري سگهن ٿا، جنهنڪري دشمن جي عضون کي "سڙيل بندن" چئي، هو نسبتي جادوءَ جي اصول مطابق، انهن کي في الواقع سڙيل بندن جهڙو بڻائي چڏيندا. هن عجيب و غريب غلطفهميءَ جو مثال "ڪافر" قوم وارن جي هڪ وهم ۾ ملي ٿو: ڪافر قوم وارا جڏهن به ڪنهن چور کي سڌارڻ جو ارادو ڪندا آهن، تڏهن سندن قبيلي جو جادوگر، جهنگ جي ڪن ٻوٽن کي پاڻيءَ ۾ پساڻي، ٻاهر تي چاڙهيندو آهي، جڏهن پاڻي جوش کائيندو آهي، تڏهن هو چور جو اصلوڪو نالو ڪڍي، پاڻيءَ جي مٿان ئي دفعا ڦوڪي، برتن جي مٿان زور سان ڏڪ چاڙهي چڏيندو آهي. پوءِ ان کي ڪيترن ڏينهن تائين باهيون ڏيندو رهندو آهي، تان جو هن کي جڏهن يقين ٿي ويندو آهي، ته هاڻي چور جو نالو پاڪ ۽ صاف ٿي ويو هوندو، تڏهن انهيءَ برتن کي هيٺ لاهيندو آهي. انهيءَ پاڪائيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ چور جي موجودگي ضروري نه آهي ۽ نه وري هن کي انهيءَ خبر هڻ جي ئي ضرورت هوندي آهي ته سندس غيرحاضريءَ ۾ سندس نالي سان ڪهڙي جڪ ٿي رهي آهي، هن جي چاڻ کان بغير ئي سندس هيءَ اخلاقي اصلاح عمل ۾ اچي ويندي.

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي اصل نالي کي پوشيده رکڻ جو ارادو هوندو آهي، تڏهن، اسان جيئن مٿي ڏسي آيا آهيون، هن کي ٻئي ڪنهن ننڍي نالي يا صرف ذات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهي ننڍا يا ثانوي نالا ماڻهوءَ جي جسم ۽ وجود جا اهم حصا ڪونه سمجهيا ويندا آهن، جنهنڪري انهن کي آسانيءَ سان استعمال ڪري سگهبو آهي، ۽ غيرن جي اڳيان بغير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڊپ ڊاڻ جي ظاهر ڪري سگهبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اصلي نالي سان سڏجڻ کان بچڻ لاءِ، ڪي ماڻهو پاڻ کي پنهنجن پارن جي نالن سان ڪوٺائيندا آهن. ان ڪري، جيو وجي ٿو ته "جپسلٽنڊ جا ماڻهو پنهنجن نالن کي ڏارين جي اڳيان ظاهر ڪرڻ تي سخت اعتراض ڪندا هئا، ته متان اهي دشمنن جي هٿ چڙهي وڃن، ۽ اهي مٿن جادو ڪري کين نقصان پهچائين، ۽ جيئن ته پارن کي ڪو دشمن ڪونہ هوندو آهي، ان ڪري وڏن کي سندن خاندان جي پارن جي نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي، مثلاً 'فلاڻي جو پيءُ' يا 'فلاڻي جو چاچو'، 'فلاڻي جو ماموُ'، وغيره، وغيره، - پر هو هرحالت ۾ ڪنهن ۽ وڏي ماڻهوءَ جو اصلوڪو نالو زبان تي ڪونہ آڻيندا هئا." سيليبس جي پيڻن مان هڪ "ٻوسو" نالي ٻيٽ جا "آلفور" قبيلي وارا ڪڏهن ۽ پنهنجو نالو ڪونہ وٺندا آهن. ان ڪري انهن مان ڪنهن جو ۽ نالو پڇڻو هجي، ته ان کان نہ پر سندس ڪنهن واقف کان پڇڻ گهرجي. پر جيڪڏهن انهن ممڪن نہ ٿي سگهي ۽ ڪو ۽ ان کي سڃاڻندڙ ماڻهو پرسان بيٺل نہ هجي، ته پوءَ ان کان سندس نالي پڇڻ بدران، ان جي ڪنهن پار جو نالو پڇي، پوءَ ان کي "فلاڻي جا پيءُ" ڪري سڏجي. پر وڏيڪ عجب جي ڳالهہ آهي ته اهي آلفور قبيلي وارا پنهنجي پارن جي نالن وٺڻ کان ۽ پرهيز ڪندا آهن، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن چوڪري يا چوڪريءَ کي پائٽيو يا پائٽي هوندي آهي، ته پوءَ ان کي ۽ "فلاڻي جا چاچا"، يا "فلاڻي جي ڦئي" ڪري سڏيندا آهن. ملايا ۾ ڪنهن ۽ ماڻهوءَ کان سندس نالو ڪونہ پڇيو ويندو آهي، ۽ چون ٿا ته پيءُ ۽ ماءُ کي سندن پارن جي نالن سان سڏڻ جي جي رسم فقط ان ڪري وجود ۾ آئي آهي ته جيئن سندن، يعني پيءُ يا ماءُ جي، پنهنجن نالن کڻڻ کان پرهيز ڪي سگهي. جنهن مصنف اهو بيان ڏنو آهي، تنهن پنهنجي انهيءَ دعويٰ کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ اهو دليل پيش ڪيو آهي ته جن ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولاد ڪوڻ هوندو آهي، تن کي سڏن ننڍڻ پائڻ جي نالن سان سڏيو ويندو آهي. ڏياڪ قبيلي وارا پنهنجن هارن کي سڏن سؤڻن يا پڏڻ جا پيءُ (جيڪڏهن هار چوڪرو هوندو آهي) يا ماءُ (جيڪڏهن هار چوڪري هوندي آهي) ڪري سڏيندا آهن. "ڪافر" قبيلي وارا ڪنوار کي ان جي نالي سان سڏڻ کي بدتميزي سمجهندا هئا، جنهنڪري ان کي "فلاڻي جي ماءُ" ڪري سڏيندا هئا، جيتوڻيڪ ان جي اڃا شادي ٿي نه ٿي هوندي، يا اها اڃا ماءُ ٿي نه ٿي هوندي. چوڪريءَ جي مڱڻ کان پوءِ وري، هار جو ڪو فرضي نالو ڪٽي، هن کي ان هار جي ماءُ جي نالي سان سڏيندا هئا. آسام جا ناگا قبائلي هارن جڻ کان پوءِ پنهنجن ذاتي نالن سان ڪوڻ سڏبا آهن، ۽ پنهنجن هارن جا پيءُ يا ماءُ ڪري ڪوليا ويندا آهن. جن ماڻهن کي هار ڪوڻ هوندا آهن، تن کي هو "پي اولاد پيءُ" يا "پي اولاد ماءُ" ڪري سڏيندا آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته پيءُ کي هارن جي نالن سان سڏڻ جو رواج ان ڪري ٿيو، جو اوائلي زماني ۾ هار ماءُ ۽ سندس خاندان جي نالي سان سڏبا هئا، انهيءُ رسم کي ختم ڪرڻ ۽ هارن جي مٿان انهيءُ اثر وجهڻ لاءِ ته سندن پيءُ ڪير هو ۽ اهو ئي سندن مالڪ هو، پيءُ کي پنهنجي هارن جي والد هڻڻ جي حيثيت ۾ ظاهر ڪيو ويو. ۽ ان باري ۾ هڪ پيءُ ڳالهه جو ياد رکڻ تمام ضروري آهي ته انهن ٿي قديم معاشرن ۾ مائرن کي ۽ سندن هارن جي نالن سان سڏيو ويندو آهي، مثلاً "فلاڻي يا فلاڻيءَ جي ماءُ." ان حالت ۾ ڪيترن دليل پورو نڪو معلوم ٿئي. جيڪڏهن اڃا ۽ زياده غور ٿو ڪجي ته ڏسجي ٿو ته بي اولاد جوڙن کي اهڙن هارن جي نالن سان سڏڻ، جن جو ڪو اڃا وجود ئي ڪونهي يا اهڙن ماڻهن کي سندن ننڍڻ پائڻ جي نالن سان سڏڻ، يا هارن کي "فلاڻي جا چاچا" يا "فلاڻي جي ٻڍي" ۽ ڪن حالتن ۾ ڪين سؤڻن ۽ پڏڻ جا پيءُ يا ماءُ ڪري سڏڻ ـ انهن سڀني حالتن ۾ ۽ ٻين سمجهاڻي لهڪي ڪئي اچي، ته جيڪڏهن اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سڀني رسمن کي هن نظريي جي روشنائيءَ ۾ ڏسون ته انهيءَ رواج جو بنياد مخاطب ٽيل ماڻهوءَ جي نالي کڻڻ جي ممانعت ڪري ٿيو، ته پوءِ ساڳين رسمن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. نالي کڻڻ يا ظاهر ڪرڻ جي خلاف اها ممانعت يا ناپسنديدگي ان ڪري پيدا ٿي، جو هڪ ته ماڻهو بدروحن ۽ جادوگرن جي ڏيان ۾ نه اچڻ چاهيندا هئا ۽ ٻيو ته سندن اهو اعتقاد هو ته جيڪڏهن انهن کي سندن اصلي نالن کان واقفيت حاصل ٿي ويندي، ته پوءِ هو کين نقصان پهچائيندا.

۲۔ **عزيزن جي نالن کڻڻ تي بندش:** عام طرح سان اهو سمجهيو ويندو هوندو ته شخصي نالي وٺ تي جيڪا هيتري ساري پابندي لڳل آهي، تنهن تي مائٽن مٽن ۽ عزيزن قريبن جي وچ ۾ ايتريءَ سختيءَ سان عمل ڪونه ڪيو ويندو هوندو. پر حقيقت ان جي بلڪل برعڪس آهي. خوني رشتي وارن عزيزن ۽ سگابنديءَ وارن مائٽن جي حالتن ۾ ۽ انهن رسمن تي ڏاڍيءَ سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو آهي. اهڙا ماڻهو نه فقط هڪٻئي جا شخصي نالا ڪونه کڻندا آهن، پر هو اهڙن لفظن کي ڀالهائڻ کان به پرهيز ڪندا آهن، جن جو آواز ڪنهن مائٽ جي نالي جهڙو هوندو آهي، يا انهن جي نالي جو ڪو حصو به انهيءَ لفظ ۾ شامل هوندو آهي. اهڙا ماڻهو جن کي هڪٻئي جي نالن کڻڻ کان منع ٽيل هوندي آهي، تن ۾ زال ۽ مڙس، سندن والدين ۽ زال ۽ سندس سهرو شامل آهن. مثال جي طور "ڪافر" قبيلي جي ڪا به عورت پنهنجي مڙس، ڏيرن ۽ سهري جا نالا نه کڻندي آهي ۽ نه وري اهڙا لفظ استعمال ڪندي آهي، جن ۾ انهن جي نالن جهڙو آواز شامل هوندو آهي يا جن جي معنيٰ ۽ مفهوم انهن نالن سان ملندڙ هوندو آهي. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن عورت جي مڙس جو نالو 'آمپاڪا' هوندو، تہ هوءَ 'امپاڪا' جانور (هڪ بلي جهڙو ننڍڙو جانور، جو آفريڪا جي گهاٽن ٻيلن ۾ رهندو آهي) جو نالو نه وٺندي آهي، پر جيڪڏهن اهڙي جانور جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گالهه ٻڌي هلندي هوندي ۽ ان جو نالو وٺڻ به ضروري هوندو، تہ ٻوءِ هوءَ ٻڌي ڪنهن نموني سان ان جانور جو ذڪر ڪندي. وري 'ڪافر' عورت کي پنهنجي مڙس ۽ ان جي سڄي خاندان جي مڙدن جي نالن کي رکو ذهن ۾ آڻڻ به ممنوع آهي. هن کي جڏهن به ڪو اهڙو لفظ گالهائڻو هوندو آهي، جنهن ۾ انهن جي نالن مان ڪنهن هڪ جو ڪو حصو شامل هوندو آهي، تڏهن هوءَ يا تہ ان لفظ جي بجاءِ ٻيو ڪو هم معنيٰ وارو يا اهڙو ڪو ٻيو اڌارو لفظ استعمال ڪندي آهي، يا بلڪل نئون ۽ بي معنيٰ لفظ آڻي وڃهي انهيءَ لفظ کي يا مطلب کي پورو ڪندي آهي. انهيءَ رواج جي ڪري عورتن ۾ بنهه هڪ نئين ٻولي پيدا ٿي ويئي آهي، جنهن کي 'ڪافر' قبيلي وارا "زناني ٻولي" چوندا آهن. انهيءَ "زناني ٻوليءَ" جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، "چو تہ انهن متبدل لفظن يا انهن جي اڏوگابرن آوازن جي استعمال ڪرڻ جو ڪو مقرر قانون ڪونہ آهي ڪو، انهن جو تعداد ايترو تہ گهٽو آهي، جو انهن جي ڪا لغت به ڪاهي نڪي سگهجي: چو تہ هڪ ئي قبيلي اندر گهڻيون ئي اهڙيون عورتون هونديون آهن، جي پنهنجي پنهنجي خيال موجب نوان لفظ دل مان ڪاهي استعمال ڪنديون آهن، ۽ ٻيو تہ وري اهي ئي لفظ جي هڪ عورت جي استعمال ڪرڻ جي قابل آهن، ٻي ڪنهن عورت جي استعمال ڪرڻ جي بلڪل ناقابل هوندا آهن". "ڪافر" مرد پنهنجيءَ سس جو نالو ڪونہ ڪٽندو آهي ۽ نہ وري ان جي سس ئي سندس نالو وٺندي آهي، پر نائيءَ کي اهڙن لفظن جي استعمال ڪرڻ جي بلڪل آزادي هوندي آهي، جن ۾ هن جي سس جي نالي جو ڪو حصو شامل هوندو آهي. ڪرگهيز قوم جي عورت پنهنجي مڙس جي وڏن جو نالو نہ ڪٽي سگهندي آهي ۽ نہ اهڙا الفاظ استعمال ڪندي آهي، جن جو آواز به انهن مان ڪنهن هڪ جي نالي جي آواز سان ملندڙ جلندڙ هوندو آهي. مثال طور، جيڪڏهن انهن وڏن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جو نالو "ريڊار" هوندو، تہ ان حالت ۾ هوءَ ريڊن جو ذڪر ڪندي انهن کي "ريڊون" تہ چوندي، پر "بي بي ڪنڊڙ جانور" چوندي، ڏکڻ هندستان جي عورتن جو عقيدو آهي تہ مڙس جو نالو ڪٽڻ يا خواب ۾ ۽ ان جي نالي جو سندس زبان تي اچڻ معنيٰ تہ سندس مڙس جي زندگيءَ جو بيوقتو خاتمو اچڻ. بحري ڏياڪ قبيلي وارا سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن هو سس يا سهري جو نالو ڪٽندا، تہ مٿن ديوتائن جو قهر نازل ٿيندو. جنهن صورت ۾ هو نہ فقط پنهنجيءَ عورت جي پيءُ ۽ ماءُ کي پنهنجو سهرو ۽ سس سمجهندا آهن، پر پنهنجن ڀاڄائين جي پٽڻ ۽ مائرن ۽ پنهنجن پيرن جي سهرن ۽ سسن ۽ پنهنجن سوٽن ۽ سوٽين، ماسائن ۽ ماساتين ۽ ڀڏائن ۽ ڀڏائين جي سهرن ۽ سسن کي ۽ پنهنجا سهرا ۽ سسون ڪري مڃيندو آهن. ان ڪري هنن لاءِ بندشي نالن جو تعداد بيشمار ۽ بي انداز هوندو آهي ۽ انهن ۾ غلطين ٿيڻ جو امڪان ۽ تمام گهڻو هوندو آهي. انهيءَ عام سونجهاري ۾ زياده سونجهارو وري ان ڪري ۽ پيدا ٿيندو آهي، جو عام شين جا نالا مثلاً چنڊ، ٻڪ، جَوَ، ڪاريهر، جيتو وغيره، ماڻهن تي رکيل هوندا آهن، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي بيشمار سهرن ۽ سسن سنجهان ڪنهن هڪ جو ۽ نالو انهيءَ شيءَ سان مشابهت رکندڙ هوندو، تہ پوءِ اهو لفظ زبان سان ادا ڪرڻ ان لاءِ حرام ٿي پوندو. سيليبس جي مناهسا پيٽن جا "آلفور" قبيلي وارا هن باري ۾ اڃا ۽ ۾ ٿي قدم اڳتي وڌي ويا آهن. هو تہ وري اهڙا لفظ ۽ استعمال ڪرڻ کندا آهن، جن جو آواز انهن جي مائٽن مان ڪنهن جي ۽ شخصي نالي جي آواز جهڙو هوندو آهي. انهن ۾ ۽ سهري جي نالي کٽڻ تي خاص بندش پيل آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن جي سهري جو نالو "ڪلالا" هوندو تہ پوءِ ان جو نالو گهوڙي جو نالو ڪرڻ وڌي سگهندو، چو تہ گهوڙي کي اتان جي مقامي زبان ۾ "ڪاوالو" چوندا آهن. گهوڙي جو ذڪر ڪندي هو ان کي "سواريءَ جو جانور" چوندو (مقامي زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سواريءَ جي جانورکي "سَسَاکاجان" چوندا آهن)، ساڳيءَ طرح بُورُ بيٺ جي آلفور قبيلي وارا پنهنجن والدين ۽ سهرن ۽ سسن جا نالا کوڻ ولندا آهن، ۽ نہ وري اهڙا رواجي لفظ استعمال کندا آهن، جن جو آواز انهن جي نالن سان ملندو هجي. ان کري جيڪڏهن تنهنجي سس جو نالو "سوپاري" آهي، تہ پوءِ کائڻ لاءِ سوپاري گهرڻ وقت توکي انهيءَ شيءَ جو اصلي نالو کوڻ کڻڻو آهي، ۽ ان لاءِ توکي "وات ڳڙهو کندڙ" شيءَ گهرڻي پوندي، ۽ پان گهرڻ وقت (جنهن کي مقامي بوليءَ ۽ "ڊالَ ويسَوُن" چوندا آهن) توکي "وات ڳاڙهو کندڙ پن" (کاروفينا) گهرڻو پوندو. ساڳئي ٽي بيٺ ۽ وڏي پاڻ جي موجودگيءَ ۽ ان جي نالي کڻڻ کان منع ٽيل هوندي آهي. انهن قانونن جي پڇڙي کندڙن تي ڪڙا ڏنڊ وڌا ويندا آهن. سونڀا علائقي وارن جو عقيدو آهي تہ پيءُ ۽ ماڻ جي نالي کڻڻ کري فصل تباه ٿي ويندو.

ڊچ نيوگائنا ۽ رهندڙ "نفور" قبيلي وارا سگابنديءَ وارن مائٽن جا نالا کوڻ کڻندا آهن. جن رشتيدارن جي نالن کڻڻ تي بندش عائد ٽيل هوندي آهي، تن مان زال، سس، سهرو، زال جا چاچا، ماما ۽ انهن جون زالون، چاچين ۽ ماسين جون مائرون، ۽ زال يا مڙس جي خاندان جي جيئريءَ پشت جا سڀ فرد، خاص طرح قابل ذکر آهن. مرد کن حالتن ۽ پنهنجن سالن جا نالا کڻندا آهن، ۽ عورت پنهنجي ڏير جو نالو هرگز کوڻ کڻندي آهي. اهي سڀ پابنديون مڱڻي ٽيل سان ٿي عائد ٿي ويندیون آهن ۽ شاديءَ جي رسم جي تڪميل جو انتظار کوڻ کرڻو پوندو آهي. مڱڻي کان پوءِ متعلقہ خاندانن جا فرد نہ فقط هڪٻئي جا نالا کوڻ ولندا آهن، پر هو هڪٻئي کي ڏسي يا کوڻ سڏهندا آهن، جنهنکري انهن مان کي ۽ پاڻي جيڪڏهن اتفاق سان هڪٻئي جي سامهون اچي هڪٻئي کي ڏسي وڃهندا آهن، تہ پوءِ کل جهڙيون رسمون ادا کرڻ لڳندا آهن ۽ ڏسندڙن لاءِ هڪ تماشو ٿي پوندو آهي. هنن کي نہ فقط هڪٻئي جي نالن کڻڻ کان منع ٽيل هوندي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر هو اهڙا لفظ ٻ ڪوٺ استعمال ڪري سگهندا آهن، جن جو آواز زال يا مڙس جي مائٽن جي نالن سان ملندڙ جلندڙ هوندو آهي. اهڙن لفظن جي بجاءِ ڪين ٻيا اهڙا لفظ استعمال ڪرڻا پوندا آهن، جن مان سندن مطلب ظاهر ٿي وڃي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪو ماڻهو اهڙو ممنوع نالو ڪٽي ويهندو آهي، تہ پوءِ ان کي هڪدم زمين ٻوس ٿي هيٺ چوڻو پوندو آهي: "سون غلط نالو زبان تي آندو آهي. آءٌ ان کي زمين جي چيرن ٻ ڦاڙن منجهه اچلائي ٿو ڇڏيان، تہ جيئن ان کان پوءِ آءٌ آرام سان مائي کائي سگهان."

ٽورس ڪچي سمنڊ وارن مغربي ٻيٽن جي رهاڪن مان ڪنهن ٻ مرد يا عورت کي پنهنجي سهري، سس، سالي، سالي۽ ڏير ۽ نڻاڻ جي نالي وٺڻ جي منع ٿيل هوندي هئي. سالي جو ذڪر ڪندي، ان جي شخصي نالي ڪٽڻ بدران، ان کي "فلاڻي جو ٻي۽ يا "فلاڻي جو ٻاڻ"، يا وري ٻئي ڪنهن اهڙي رشتي سان ياد ڪيو ويندو هو، جنهن جي نالي وٺڻ تي ڪا پابندي پيل ڪانہ هوندي هئي. ساڳي۽ طرح سالي۽ کي "فلاڻي جي زال" ڪري سڏيو يا ياد ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪوٻ ماڻهو اتفاق سان سالي جو شخصي نالو وڻي ويهندو هو، تہ هن لاءِ اها ڳالهہ باعث صد ملامت هوندي هئي ۽ هن کي شرم وچان ڪنڌ جهڪائڻو پوندو هو. هن جو اهو شرم فقط ان وقت ڏوپي سگهندو هو، جڏهن هو واسطيدار ماڻهوءَ کي تاوان طور ڪا موزون سوڪڙي ڏيندو هو: سالي۽ سهري يا سس جي اتفاقيہ نالي ڪٽ ڪري ٻ ساڳئي قسم جو تاوان ڏيڻو پوندو هو. نيو برٽن جي ساحلي علائقن ٻ رهندڙ مقامي باشندن ٨ سالي يا ڏير جو نالو وٺ وڏي ٨ وڏي نفرت ۽ حقارت جوڳي ڳالهہ سمجهي ويندي آهي. انهيءَ ڏوه ٨ موت جي سزا ٻ عائد ٿي سگهندي آهي. ميلانيشيا جي ٻئي ٻيٽن ٻ، سگابنديءَ وارن مائٽن جي نالن وٺڻ جي خلاف سخت قانون رائج ڪيل آهن. ڪوٻ پنهنجي سهري، سس ۽ سالي جو نالو ڪوٺ ڪٽندو آهي. سس جو نالو وٺڻ تہ گناهہ عظيم آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر البت هو سالي جو نالو ولي سگهندو آهي۔ "چو ته اها هن جي ڪجهه ٻ نه لڳي"۔ ڪابه عورت پنهنجي سهري ۽ نالي جو نالو ڪونه وٺندي آهي۔ جن ۾ ماڻهن جا ٻار شادي جي سڳي ۽ ڀڏل هوندا آهن، سي هڪٻئي کي نالا ولي ڪونه سڏيندا آهن۔ اهڙا سڀ ماڻهو نه فقط هڪٻئي جا شخصي نالا ڪونه ڪٽندا آهن، پر هو انهن لفظن جي استعمال کان ٻ سخت پرهيز ڪندا آهن، جي انهن نالن جا هم معنيٰ يا هم آواز هوندا آهن يا انهن جو ڪو حصو ٻ انهن لفظن ۾ آيل هوندو آهي۔ اهڙي طرح، اسان ڀڏو آهي ته انهي علائقي جو هڪ ماڻهو "سوئر" ۽ "مرڻ" جا لفظ استعمال نه ڪري سگهندو هو، چوته اهي ٻئي لفظ ان جي نالي جي نالي جي آوازن ۾ شامل هئا۔ هڪ ٻئي اهڙي بدنصيب جو ذڪر ڀڏو اٿم، جو روزمره جي استعمال جي لفظن، "هٽ" ۽ "گرم" کي ان ڪري استعمال نه ڪري سگهندو هو، جو اهي ٻئي لفظ سندس سالي جي نالي ۾ سمايل هئا، ۽ ٻاڪئي وقت هو لفظ "هڪ" ۽ ان ڪري استعمال ڪونه ڪري سگهندو هو، جو ان جو هم معنيٰ لفظ ڪنهن طرح سندس زال جي سؤٽ جي نالي ۾ شامل هو۔

سگابندي وارن ماڻهن جي نالن يا سندن نالن جي ڪن اڏورن حصن کي ڪٽڻ يا استعمال ڪرڻ کان جن سببن ڪري احتراز ڪيو وڃي ٿو، انهن ئي سببن ڪري خود پنهنجن نالن يا سري ويل سردارن ۽ بادشاهن جي نالن ولڻ کان ٻ پرهيز ڪئي وڃي ٿي، ۽ جيڪڏهن اهو تسليم ڪريون ٿا ته سردارن ۽ بادشاهن جي نالن ڪٽڻ کان پرهيز ڪن وهمن تي مبني آهي، ته پوءِ عزيزن ۽ پنهنجن نالن وڻ واري پرهيز ٻ ان کان ڪنهن زياده مضبوط بنياد تي بيئل ڪانه ٿي معلوم ٿئي۔ اسين مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته وحشي پنهنجي نالي کي استعمال ڪرڻ کان انڪري پرهيز ڪري ٿو، جو ڪيس جيئرن جاڳندن توڙي غيبي جادوگرن ۽ دشمنن جو ڀپ رهي ٿو ته متان اهي سندس نالي جي ذريعي ڪيس ڪو ضرر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائين. مثل ماڻهن ۽ بادشاهن جي ڏاڍ، وڏڙ ڪان ساڳئي قسر واريءَ پرهيز جي بنياد ۽ منطق جي ڪالهه باقي رهجي ويئي آهي، جنهن جو هاڻي مطالعو پيش ڪنداسون.

۳۔ مڏل ماڻهن جي ڏاڍ وڏڙ ڏي بندش: مثل ماڻهن جي ڏاڍ ڪڍ ڪان، پراڻي زماني ۾، ڪوه قاف جا آلبينوي نسل جا ماڻهو سخت پرهيز ڪندا هئا، ۽ اڄ به سڀني ڏنيا جي ڪيترن وحشي قبيلن جا ماڻهو مثل ماڻهن جي ڏاڍ جو پلڪي ڪري ۽ ذڪر ڪوڙ چوڙيندا آهن. اهڙيءَ طرح، ڏيو وڃي ڏو ته آسٽريليائي وحشين جي قانون مان سڀني کان زياده سخت قانون مثل ماڻهن جي ڏاڍ ته ڪڍ وارو قانون آهي. جڏڪي عورتون ۽ مرد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن، تن مان ڪنهن جو به ڏاڍ زوردار ۽ وڏي آواز سان ڪڍ ڪيو اهي وحشي قبائل مقدس‌ترين قانون جي خلاف ورزي سمجهندا آهن. جنهنڪري هو ڪوشش ڪري ان کان پاڻ کي بچائيندا آهن. انهيءَ پرهيز جو مول مقصد هيءَ هوندو آهي ته واسطيدار روح جي ناراضيءَ کان ماڻهو ڪنهن طرح بچيو رهي، جيتوڻيڪ ان جي موت متعلق گذشته ڏک پريل خيالن کي دوباره زنده نه ڪري جو خيال به ان جي ڏاڍ مٿان بي خيالي ۽ فراموشيءَ جي پردي وجهڻ جو ڪم ڪري ڏو. هڪ دفعي مسٽر اولڊ فيلڊ هڪ مثل وحشيءَ جو ڏاڍ وڏي آواز ۾ ڪنيو، جنهن هڪ سياه فام وحشيءَ کي اهڙو ته ڊيڄاري ڇڏيو، جو هو پٽي ڏيئي وڃي پڳو ۽ مسٽر اولڊ فيلڊ جي هزارن سڏن تي به پٽي مڙهن ڪري ڪوڙ نهاريائين. پٽي ڏينهن صبح جو انهيءَ وحشي مسٽر اولڊ فيلڊ کي دوباره اهڙي ڪم ڪرڻ کان سخت تاکيد ڪيو. مسٽر اولڊ فيلڊ چوي ڏو ته "مون هن کان مٿي ساڻهوءَ جي ڏاڍ ڪٽائڻ جي ڪيتري به ڪوشش ڪئي، پر اها سڀ بيڪار ويئي، ۽ هو ڪنهن به صورت ۾ اهڙي خطرناڪ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪوڙ ٿيو. چو ته ائين ڪرڻ سان هو مثل ماڻهوءَ جي غضبناڪ روح کي پنهنجو دشمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري چڏي ها، جو هن کي ڪنهن به صورت ۾ منظور ڪونه هو."
وڪڙوريا ڊنڊ جي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ وحشي قبيلن وارا ڪوشش
ڪري مئل ماڻهوءَ جو نالو ڪونه وٺندا هئا؛ نه انهن جو ڪو
ذڪر ئي ڪندا هئا. پر جيڪڏهن هنن کي لاچار ڪنهن مئل
ماڻهوءَ جو ذڪر ڪرڻو ئي پوندو هو، تہ هو تمام آهستي ۽
جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندا هئا. ۽ ان جي نالي کڻڻ بدران ان کي
"جيڪو غائب ٿي ويو آهي" يا "جيڪو ويچارو هينئر ڪونهي"،
لفظن سان ياد ڪندا هئا. سندن خيال هو تہ مئل ماڻهن جي
نالن کڻڻ ڪري، سندن روح جن کي مقامي زبان ۾ "ڪوئٽ گيل"
چون ٿا، ناراض ٿي پيا ٿي، چو تہ هو ڏندڙ سچ ڏانهن دائمي
طور وڃڻ کان پيشتر ڪجهہ عرصي تائين پنهنجي اصلوڪيءَ فضا
۾ پرواز ڪندا ٿي رهيا. نبيبي مري درياه جي علاقن ۾ رهندڙ
وحشي قبيلن لاءِ جيڪو وڃي ٿو تہ انهن جو ڇڏهن کو ماڻهو مرندو
آهي، تڏهن "هو ان جي نالي کڻڻ کان ڏاڍي خبرداري ڪندا آهن،
پر لاچاريءَ جي حالت ۾ هو اهو نالو اهڙي تہ دٻيل آواز ۾
ڪٺندا آهن، جنهن کي هنن جي خيال مطابق روح نٿو ٻڌي سگهي."
وچ آسٽريليا جا وحشي ماڻهو جي عرصي ۾ مئل ماڻهوءَ جو نالو
اصل ڪونہ وٺندا آهن، پر ضرورت جي وقت ان کي بلڪل جهيڻي
آواز ۾ وٺندا آهن، چو تہ زوردار آواز ۾ نالي کڻڻ سان مئل ماڻهوءَ
جي روح جي آرام ۽ آسائش ۾ رخنو پوي ٿو، جنهنڪري ان جي
ناراض ۽ غضبناڪ ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. انهن جو خيال آهي
تہ روح غائبانہ طور اتي ئي موجود رهندو ايندو آهي، جتي اهو
خاڪي پنجري مان باهر نڪرندو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن طرح
پنهنجو نالو ٻڌي وٺندو آهي، تہ سمجهندو آهي تہ سندس عزيز
هن لاءِ موزون طريقي سان ماتم ڪونہ ڪري رهيا آهن، چو تہ
جيڪڏهن سندن ماتم سچو هجي ها، تہ هو ان جي نالي کي اڻين
درٻدر ڪونہ ڪندا وتن ها. پوءِ ماڻهن جي انهيءَ سنگدلانہ لاپرواهيءَ
کان ناراض ٿي، هو سندن ننڊ ۽ آرام ۾ خلل انداز ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا جي سيڪي وحشي قبيلن جا ماڻهو، هڪسن جي ايسمنڊ ڪان وڌي پئٽيگونيا تائين، مڪمل ماڻهوءَ جي نالي کڻڻ کان گريز ڪندا آهن. ڪولمبيا جي "گوئاجيرو" قبيلي ۾، ڪنهن به مڪمل ماڻهوءَ جي مائٽن جي روبرو فوتيءَ جو نالو کڻڻ اهڙو ته عظيم گناهه سمجهيو ويندو آهي، جو ان جي خلاف ورزي ڪرڻ واري کي ڪن حالتن ۾ موت جي سزا ڏني ويندي آهي، جيڪڏهن اهو ڏوهه مڪمل ماڻهوءَ جي گهر ۾، ان جي موت يا جاچي جي روبرو سرزد ٿيندو، ته اهي اهڙي خطاڪار کي اتي جو اتي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر جيڪڏهن هو ستدن گرفت مان بچي نڪرڻ ۾ ڪاميياب ٿيندو آهي، ته پوءِ ان ڪان گهرو ڏنڊ وصول ڪيو ويندو آهي، جو عام طرح سان هن يا ان ڪان وڌيڪ ڏڪڻ جي صورت ۾ هوندو آهي.

دنيا جي مختلف ۽ دورڊراز علائقن جا ماڻهو، جي هونئن هڪٻئي ڪان هزارين ميل پري رهن ٿا، بلڪل هڪجهڙي ٻي نموني سان مڪمل ماڻهن جي نالن وٺڻ کان ڪَوَ ڪندا آهن ـ مثلاً، سائبيريا جا "مئويڊ" قبيلي وارا ۽ ڏکڻ هندستان جا "تودا"، تاتار جا مغل ۽ صحرا جي زيگستان جا "طئاريغ"، جپان جا "ائينود" ۽ اوپر آفريڪا جا "اڪامبا" ۽ "نندي"، فلپائين ٻيٽن جا "تنگئين" ۽ نڪوبار، بورنيو، مڊاگاسڪر ۽ ٽسمينيا جا رهاڪو. انهن سيني حالتن ۾ مڪمل ماڻهوءَ جي نالي وٺڻ کان گريز ڪرڻ جو بنيادي سبب ان جي روح جو ڊپ آهي، جيتوڻيڪ ڪن حالتن ۾، انهيءَ رسم لاءِ ڪو واضح سبب يا ڪا سمجهاڻي ڪانه ڏني ويندي آهي. هن باري ۾ اسان کي ڪافي ثبوت ملي چڪا آهن ته صحرا جي رڻ پٽ ۾ "طئاريغ" قبيلي وارن کي روح جو ٽي ڊپ رهندو آهي، جنهنڪري پنهنجي ڪنهن عزيز يا قبيلي جي ڪنهن به فرد جي موت کان پوءِ، هو هڪدم پنهنجو ديرو اتان کڻي ڪنهن ٻئين جاءِ تي وڃي ويهندا آهن ۽ هميشه لاءِ ان جو نالو کڻڻ ڇڏي ڏيندا آهن، جو ته هنن کي انهيءَ روح جي واپس اچڻ جو ڊپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، ۽ هو انهن سيني ڳالهين کان سخت پرهيز ڪندا آهن، جي هنن جي خيال موجب، ان روح جي واپسيءَ جي سبب ٿي سگهن ٿيون. برخلاف عربن جي، انهيءَ قبيلي وارا ڪڏهن به پنهنجن شخصي نالن سان پنهنجن والدن جا نالا نه ڳنڍيندا آهن، ۽ ڪنهن کي به "فلاڻو ولد فلاڻو" ڪري ڪونه سڏيندا آهن، هو هرهڪ کي اهڙو نالو ڏيندا آهن، جو ساڻس ٿي رهي ۽ ساڻس ئي ختم ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح، آسٽريليا جي وڪٽوريا علائقي ۾ رهندڙ وحشي ڪنهن به ماڻهوءَ کي مستقل نالو ڪونه ڏيندا آهن، پر جو تہ هنن جو اعتقاد آهي تہ جيڪو به ماڻهو مئي ماڻهوءَ جو نالو اختيار ڪندو، سو گهڻو وقت جيئرو ڪونه رهندو، پر تہ امڪان آهي تہ ان حالت ۾ سندس "روحاني نالي پائي" ڪنهن به وقت اچي ڪيئن عالم ارواح ڏانهن وڃي وڃي.

پوت يا روح جي انهيءَ ڊپ کان ڪيترا ماڻهو پنهنجو نالو ڦيرائي، ٽئون نالو اختيار ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن کي همیشه اهو انديشو رهندو آهي تہ متان ڪنهن مئل ماڻهوءَ جو روح پاڻ جهڙو نالو ٻار ٻار ٻڌي، ائين سمجهي تہ ڪيس ئي پڪاريو وڃي ٿو، پر تہ هنن جي خيال مطابق، روحن کي اها خبر ڪاتہ پئجي سگهندي آهي تہ هڪ قسم جو نالو هڪ ئي وقت هڪ کان زياده ماڻهن کي پڻ ڏنو ويندو آهي، جنهنڪري روح پاڻ ۽ پنهنجي نالي واري ٻئي ماڻهوءَ جي وچ ۾ تميز ڪونہ ڪري سگهندو. اهڙيءَ طرح، جيو وجي ٿو تہ ڏکڻ آسٽريليا جي انڊيليڊ ۽ اينڪاٽونٽر ايسمنڊ وارين قومن ۾ مئل ماڻهوءَ جي نالي کڻڻ کان ايترو تہ ڊپ ۽ نفرت ڪندا آهن، جو جنهن ماڻهوءَ تي ڪنهن تازي مئل ماڻهوءَ جو نالو رکيل هوندو آهي، سو يا تہ هڪدم ٽئون نالو اختيار ڪندو آهي يا تہ عارضي طور هو ڪنهن ٻئي نالي کان ڪم وٺندو آهي، يا جيڪڏهن ڪيس ڪو ٻيو نالو اڳ ئي ڏنل هوندو آهي ۽ عام استعمال ۾ نہ هوندو آهي، تہ پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ هو پاڻ کي انهيءَ نالي سان منسوب ڪندو آهي، ڪيئن لئنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قبيلن ۾ اهڙو ئي رواج موجود آهي، پر انهن ۾ مئل ماڻهوءَ جي نالي کڻڻ تي مستقل بندش کانئن هوندي آهي، البت عام طرح انهيءَ نالي کي ڪن ڪن سالن تائين کوڙ ڪنيو ويندو آهي. ڪن آسٽريليائي قبيلن ۾ نالي جي اها تبديلي مستقل صورت ۾ اختيار ڪندي آهي، يعني پراڻي نالي کي ترڪ ڪيو ويندو آهي، ۽ اهو ماڻهو سڄيءَ زندگيءَ تائين، يا وري اهڙي وقت تائين جيستائين ڪيس ساڳئي ئي سبب ڪري اهو نالو ۽ ترڪ ڪري ٻياره کو نئون نالو اختيار ڪرڻو پوندو آهي، نئين نالي سان ڪوئيو ويندو آهي. اتر آمريڪا جي قبيلن وارن زالن. توڙي مردن کي، جن جا نالا ڪنهن تازي مئل ماڻهوءَ جهڙا هوندا هئا، هڪدم نوان نالا اختيار ڪرڻا پوندا هئا، جي ڪين مئل ماڻهوءَ جي ماتم جي پهرينءَ رسم وقت ڏنا ويندا هئا. راکي جبلن جي اوپر طرف ڇيڪي قبيلا رهندا هئا، تن کي فقط ماتم جي عرصي تائين نوان نالا اختيار ڪرڻا پوندا هئا، پر اتر آمريڪا جي پسفڪ ڪناري تي رهندڙ ٻين قبيلن جا ماڻهو نوان نالا مستقل طور اختيار ڪندا هئا.

ڪڏهن وري ساڳئي ئي نظريي ۽ خيال جي تحت، مئل ماڻهوءَ جا سيئي ويجها عزيز پنهنجا نالا ڦيرائي ڇڏيندا هئا، ته متان رلندڙ روح پڌل سڏل نالا ٻڌي پراڻي گهر ۾ واپس اچڻ جي ڪوشش ڪري. ان ڪري وڪٽوريا جي علائقي ۾ رهندڙ قبيلن وارا مئل ماڻهوءَ جي سيني مائٽن جا اصلوڪا نالا ماتم جي عرصي تائين کوڙ وٺندا آهن ۽ انهن جي بدران کين ٻين عارضي نالن سان سڏيندا آهن. ڪنهن ۾ ماتر ڪندڙ کي ان جي اصلي نالي سان سڏڻ کي وڏيءَ بيعزتيءَ جو باعث سمجهيو ويندو آهي ۽ اهڙو ڪجهه ڪن وقتن تي خونريزيءَ ۽ قتل عام جو سبب ٿي پوندو آهي. اتر آمريڪا جي ڪن هندستاني قبيلن وارا مئل ماڻهوءَ جي سيني ويجهن عزيزن ۽ قريبن جا نالا ڦيرائي ڇڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هنن جو اهو ايمان آهي ته "وچڙيل روح جاتل سجاتل نالا ٻڌي، وري زمين تي اچڻ جو خواهشمند ٿيندو آهي". "ڪيٿووا" قبيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن گاڙهن هندستانين ۾ ڪنهن به مثل ماڻهوءَ جو نالو ان جي مائٽن جي روبرو ڪونہ ڪنيو ويندو آهي، ۽ گهر جا سڀ پاتي پنهنجا نالا به قيرائي چڏيندا آهن. انهيءَ رواج ڏانهن ڏي صديون اڳ، سر والٽر رئلي جي سائين جو به ڏيان چڪيو هو. ساڳيءَ طرح "لينگوئا" قبيلي وارا گاڙها هندستاني به نہ فقط مثل ماڻهوءَ جو نالو ڪونہ ڪٽندا آهن، پر انهيءَ گهر جا سڀ پاتي به پنهنجا نالا قيرائي چڏيندا آهن. هو چوندا آهن تہ "موت سندن گهر مان ڏي ويو آهي ۽ گهر جي سڀني پاتين جا نالا پاڻ سان ڪڍي ويو آهي، جاڻ تہ وري هو واپس آيو ۽ پيا شڪار ڪري ويندو، ان ڪري موت کي ناڪام بنائڻ لاءِ هو پنهنجا نالا انهيءَ خيال کان تبديل ڪري چڏيندا آهن، تہ جيئن جڏهن موت ٻئي شڪار لاءِ واپس اچي، تڏهن انهن نالن وارا ماڻهو اتي نہ ڏسي، هو انهن جي ڀولا ۾ ٻئي ڪنهن پاسي نڪري وڃي - چو تہ جيتوڻيڪ وٽس اصلوڪن نالن جي لکيل فهرست موجود به هوندي، تڏهن به هو منجهي پوندو ۽ اتان هليو ويندو. ڪوبار جا اصلوڪا رهاڪو به مثل ماڻهوءَ جي جسم مان نڪتل روح کان پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ، پنهنجا نالا قيرائي چڏيندا آهن، ساڳئي سبب ڪري، هو پاڻ کي اڃا به لڪائڻ لاءِ پنهنجا سڀ وار به ڪوڙائي چڏيندا آهن، تہ جيئن روح کين سڃاڻي نہ سگهي.

وري جڏهن ڪنهن مثل ماڻهوءَ جو نالو ڪنهن عام شيءَ جي نالي جهڙو هوندو آهي، مثلاً ڪنهن جانور، ٻوٽي، ٻاه يا پاڻيءَ وغيره جو ڪو نالو، تہ ان حالت ۾ عام گفتگوءَ جي درميان ان چيز جو نالو قيرائي ٻيو رکيو ويندو آهي. صاف ظاهر آهي تہ اهڙي قسم جي رواج ڪري اتان جي ٻولين ۾ وڏو ڦير ڦار اچي ويندو آهي، چو تہ جن جاين تي اها رسم گهٽي انداز ۾ ڦهليل هوندي آهي، اتي لازمي طور روزانو ڪيترا لفظ پراڻا، بي معنيٰ ۽ فرسوده ٿيندا رهندا ۽ انهن جي جاءِ تي نوان نوان لفظ وجود ۾ ايندا رهندا. آسٽريليا، آمريڪا ۽ ٻين هنڌن تي، جتي جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻ مبصرن انهيءَ ڳالهه کي جانچي غور سان ڏٺو آهي، اتي کين مقامي ٻولين جي ڦيرگهير جو اهوئي نمونو نظر آيو آهي. مثال طور، آسٽريليائي قبيلن بنسبت معلوم ٿيو آهي ته انهن جي هرهڪ قبيلي جي مختلف ٻولي هوندي آهي. ڪن قبيلن وارا ٻنهنجن ٻارن کي قدرتي شين جا نالا ڏيندا آهن، ۽ جڏهن ٻه ڪنهن اهڙي نالي وارو ماڻهو مري ويندو آهي، تڏهن ڪان وڃي ان جي نالي وارو لفظ استعمال ڪان خارج ڪيو ويندو آهي. ان ڪري جنهن شيءَ جي نالي سان اهو ٻار يا ماڻهو سڏيو هوندو، ان لاءِ وري کو نئون لفظ ايجاد ڪرڻو پوندو اٽن. انهيءَ حقيقت جو لکندڙ مثال جي طور، هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو نالو ٻڌائي ٿو، جنهن کي "ڪارلا" (ٻاه) جو نالو ڏنو ويو هو. 'ڪارلا' جي مرڻ کان پوءِ "ٻاهه" لاءِ هڪ نئون لفظ ايجاد ڪرڻو پيو. اهڙيءَ طرح مصنف ٻڌائي ٿو ته "انهن قبيلن جون ٻوليون دائمي طور ڦرندڙ گهرندڙ رهن ٿيون." وري اينڪائونٽر اپسنڊ جي علائقي ۽ جيڪي قبيلا آباد آهن، تن ۽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو "نيگنيگي" (ٻاڻي) هوندو ۽ هو مري ويندو، ته ان جي قبيلي وارا، ڪيتري عرصي تائين، "ٻاڻيءَ" لاءِ ٻيو لفظ استعمال ڪندا آهن. انهن ٻولين ۽ جيڪي لاتعداد هم معنيٰ لفظ موجود آهن، تن جو سبب ٻه اهوئي ٿو ٻانڌجي. انهيءَ انومان کي وڪٽوريا علائقي ۽ رهندڙ قبيلن جي ٻولين ۽ ڪيترن ئي هم معنيٰ لفظن جي موجودگيءَ سان تقويت ملي ٿي، جي ماتر جي وقتن تي هنگامي طور استعمال ڪيا ويندا آهن. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو "وٹا" (ڪانءَ) هوندو، ته پوءِ ان جي مرڻ ڇاڻان ڪانوَ کي "وٹا" جي اصلي نالي سان ڪونه سڏيو ويندو آهي، ۽ ان کي "نٹراپارٹ" جي نئين هم معنيٰ لفظ سان ياد ڪيو ويندو آهي. جڏهن کو اهڙو ماڻهو راه بقا ڏانهن سفر اختيار ڪندو آهي، جو حياتيءَ ۽ "گول ڇڻ وارو لوڻ" جي لقب سان مشهور هوندو، ته سندس مائٽي ۽ دوست وغيره گول ڇڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري لوڙ جو ذڪر ڪندي سندس اصلوڪو نالو ڪونہ ڪٽندا آهن، پر ڪيس هڪ ٽئين نالي سان سڏيندا آهن. جڏهن قبيلي وارا ڪنهن اهڙيءَ معزز خاتونءَ جي ماتم ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن، جنهن جو اصلي نالو "اچي ڪڙ" هوندوآهي، تڏهن هو اچيءَ ڪڙ جي اصلي نالي "ٻرم ٻرم" وٺ کان پرهيز ڪندا آهن ۽ ان جي بجاءَ ان کي ٽئين نالي "ٽلٽ ٽلائيٽش" سان پڪاريندا آهن. ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا نالا، مثلاً "ڪارو تتر"، "ناسي ٻدڪ"، "ٽلهو ٻگهه"، "ڪنگرو"، "ڏنگو"، وغيره، ۽ ساڳئي نمونيءَ سان تبديل ڪيا ويندا آهن.

پراڳي ۾ رهندڙ "ايبيون" قبيلي وارن ۾ ۽ ساڳئي قسم جي رسم اتان جي پوليءَ ۾ ڦيرگهير آڻڻ جو سبب بڻي هئي ۽ انهيءَ قبيلي وارا جڏهن ۽ ڪنهن لفظ جو استعمال ترڪ ڪري ڇڏيندا هئا، تڏهن ان کي ٻيهر ڪم ڪونہ آڻيندا هئا. هڪ عيسائي مبلغ، ڊوبيرزهوفر، لکي ٿو ته انهن جي پوليءَ ۾ هرسال ڪيترا نوان لفظ اهڙي نمونيءَ سان ظاهر ٿيندا هئا، جهڙي طريقي سان رات جو اڪيچار ڪنيون زمين مان منهن ڪڍي ٻيهي رهنديون آهن، جو ته اهڙا سيئي لفظ جيڪي مٿن ماڻهن جي نالن سان مشابهت رکندا هئا، سي بيڪار سمجهي ڇڏيا ويندا هئا ۽ اهڙا عام اعلان منادیءَ رستي ڪرايا ويندا هئا. ساڳئي وقت جيڪي نوان لفظ انهن جي جاءِ تي گهڙيا ويندا هئا، سي ۽ وڏي واڪ پڌايا ويندا هئا، ته جيئن عام ماڻهو انهن کان آگاه ٿين ۽ ڪا غلطي نہ ڪن. اهڙن نون لفظن جي گهڙڻ جو ضربخانو قبيلي جي پوڙهين عورتن وٽ هوندو هو ۽ اهي جنهن ۽ ٽئين لفظ کي منظور ڪنديون هيون، تنهن کي قوم جو وڏو توڙي ننڍو بغير ڪنهن چون و چرا جي قبول ڪندو هو، جنهنڪري اهو لفظ قبيلي جي سيني ديرن ۽ چانوڻين ۾ باه جي جيءَ وانگر جلد ڦهلجي ويندو هو. ساڳيوئي مبلغ لکي ٿو ته جڏهن اوهين هڪ ڪراڙي ڪڪ عورت جي فيصلي تي سڄيءَ قوم جي ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپ ڇاپ سيس نوائيندي ڏسندا ۽ پراڻن لفظن جي استعمال کان هرهڪ ماڻهوءَ کي سخت پرهيز ڪندي ڏسندا، تڏهن اوهان کي سخت حيرت لڳندي ته ڪيئن نه هو سڀيئي عادت کان يا ڪڏهن ڪڏهن جي، اهڙا لفظ زبان تي نه آڻيندا، جن کي اڄ ڪلهه ڪري بولي ۽ مان ٽيڪالي ڏني ويئي هوندي آهي. اهو سلسلو جنهن آمريڪي قبيلي ۽ ستن سالن تائين رهيو، تنهن قبيلي انهيءَ "عرصي ۽ "چيتي" جو نالو ٽي دفعا ڦيرايو ۽ واڳون، ڪنڊي جانورن جي شڪار ڪرڻ جي اوزارن جي نالن ۽ ڪيئي دفعا ڦيرگهير آندي. قبيلن جي انهيءَ عادت سبب، عيسائي مبلغن کي مقامي بولين جي سکڻ ۽ سمجهڻ ۽ وڏي پريشاني برداشت ڪرڻي پوندي هئي، ۽ سندن تحريرون هميشه غلطين سان پريل رهنديون هيون، ڇو ته ڪيترن پراڻن لفظن کي بيڪار ڪري، انهن جي جاءِ تي نون لفظن کي وجهڻو پوندو هو، برٽش نيو گائنا جي ڪيترن قبيلن ۽ ماڻهن جا نالا غار شين جي نالن ۾ ڪيا ويندا آهن. هنن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن مئل ماڻهوءَ جو نالو کڻيو ته ان جو روح واپس ورڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ جنهن صورت ۽ هو ان کي پنهنجي قبيلي ۽ واپس ڏسڻ جا خواهان نه هوندا آهن، تنهن حالت ۽ هو ان جي نالي کڻڻ تي بندش وجهي ڇڏيندا آهن، ۽ ڇڏهن به ان جو نالو ڪنهن رواجي چيز جو هوندو آهي، تڏهن ان چيز لاءِ ڪو ٻيو نالو تجويز ڪيو ويندو آهي. نتيجي طور، ڪيترائي لفظ سندن بولي ۽ مان هميشه لاءِ گم ٿي ويندا آهن، يا وري نين معنائن ۽ مطلبن سان دوباره استعمال ڪيا ويندا آهن. نڪوبار جي ٻيٽن جي بولي ۽ به ساڳي ۽ رسم ۽ عادت ڪري وقت بوقت تبديليون ايندڙيون رهنديون آهن. مسٽر ڊي-رو پسٽروف جو چوي ٿو ته "انهن ۽ هڪ عجيب رسم موجود آهي، جا سندن تاريخ جي ڪنهن ۽ وڏي رڪاوٽ پيش ڪري رهي آهي. يا گهٽ ۽ گهٽ تاريخي ڳالهين جي ترتيب ۽ انهن ڳالهين کي ٻين اهڙن ماڻهن جي ڪنن تائين پهچائڻ ۾، جي ان ملڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ لکڻ جا خواهان آهن، هڪ وڏي دشواري پيدا ڪري ٿي، هڪ سخت قانون جي مطابق، جو سڄي نڪوبار ۾ مستعمل آهي، ڪوبه ماڻهو مٽل ماڻهوءَ جو نالو ڪونہ وٺندو آهي. انهيءَ قانون جي تعميل ايتريءَ حد تائين ڪئي ويندي آهي، جو عام طرح سان جن ماڻهن جا نالا 'پڪي'، 'ٽوبي'، 'باه' يا 'رستو' وغيره، هٽل، جيئن عام جام اتي جي ماڻهن جا اهڙا نالا هوندا آهن، تہ پوءِ نہ فقط اهي نالا ڪونہ ورتا ويندا آهن، پر انهن شين جا نالا ۽ نہ ڪنيا ويندا آهن، جي هونئن انهن لفظن سان سڏيون آهن: جنهنڪري اهي لفظ استعمال کان خارج ٿي ويندا آهن، انهن لاءِ ياتہ نوان لفظ ايجاد ڪيا ويندا آهن، يا وري پرواري ٻي ڪنهن قرقي جي ٻوليءَ ۾ ان اهي اڏارا ورتا ويندا آهن، يا ڪنهن غير ملڪي ٻوليءَ ۾ ان انهن جا نعرالبدل ڳوليا ويندا آهن. هن عجيب ۽ غير معمولي رسم جي ڪري نہ فقط ٻوليءَ جو بنياد ڪمزور ٿيو پوي ۽ ان جا لفظ مستقل صورت اختيار نٿا ڪري سگهن، پر ان جي ڪري انهن ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جو سلسلو منقطع ٿي وڃي ٿو ۽ گذريل زماني جي واقعن جو رڪارڊ رکڻ جيڪڏهن ناممڪن نہ، تہ بہ اڻ پورو ۽ بنهہ غير مصدق ٿيو پوي.

مٽل ماڻهن جي نالن کي لکائڻ ۽ انهن کي نہ لکڻ جي رسم تاريخي روايات جي پاڙن کي وڍڻ جو ڪم ڪري ٿي، انسان جي تهذيبي ۽ معاشرتي ارتقا جي اڀياس ڪندڙ مفڪرن اها گالهہ ڪيترن ئي قبيلن ۽ قومن ۾ ڏٺي آهي، جن جي تاريخ انهيءَ ئي سبب ڪري غائب آهي. مسٽر اي. ايس. گشميٽ لکي ٿو تہ "ڪلماٿ قبيلي وارن جي تاريخ گهٽي ۾ گهٽو صرف گذريل هڪ صديءَ جي ٿي تاريخ آهي، ان جو سبب رڳو هيءَ آهي، جو انهيءَ قرقي وارا ڪنهن بہ مٽل ماڻهوءَ جي ڪارنامن ۽ نالي جو ذڪر ڪونہ ڪندا آهن، ۽ ان لاءِ وٽن سخت قانون هوندا آهن. ساڳئي ٿي قسم جو سخت قانون ڪئليفورنيا ۽ اوريگان جي زهواسين ۾ بہ رائج آهي، ۽ آتي ان جي خلاف ورزي ڪندڙ کي موت جو سزا چڪائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو قانون اهڙن قبيلن ۽ قومن جي تاريخ لکڻ جي راه ۾ وڏي رکاوٽ آهي، جو تہ نالن کان سواءِ تاريخ ڪيئن لکي سگهبي؟"

ماضيءَ جي روايات ۽ يادگيرين کي مٽائڻ يا ڏکي ڇڏڻ جي انهيءَ وهمي دستور کي ڪن ڪن قبيلن جي فطرتي انساني خيالن ۽ رجحانن ڪافي ڏک هنيو آهي. وقت، جو آهستي آهستي گهرن داغن ۽ پکن پختن نشانن کي ۽ مٽائي ۽ ميساري ڇڏيندو آهي، سو آخرڪار وحشيءَ جي دل مان ۽ موت جي ڊپ ۽ اسرار کي مٽائي ڇڏي ٿو. اڳي يا پوءِ، جيئن جيئن ڏن جي دل تان پنهنجن پيارن فوتين جي يادگيري لهندي وڃي ٿي، تيئن تيئن هو انهن جي ڀالهين ڪرڻ لاءِ آماده ۽ رضامند ٿئي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح ڪن وقتن تي انهن مان ڪن جي نالن کي، موسم خزان جي چٽيل پن يا سياري جي برف وانگر، ماضيءَ جي ٻي پاسان ۽ الاڻ اوڙاهن ۾ گم ٿيڻ کان اڳ، بچائي وٺجي ٿو. وڪٽوريا علائقي جي ڪن وحشي قبيلن، وارا فقط ماتر جي عرصي تائين مئل ماڻهوءَ جو نالو ڪونہ ولندا هئا، ڏکڻ آسٽريليا جي لنجکون بندرگاه وٽ رهندڙ قومن وارا مئلن جي نالن کڻڻ کان ڪيترن ئي سالن تائين پرهيز ڪندا هئا، اتر آمريڪا جي "چينوڪ" قبيلي وارا، پنهنجي رسم مطابق، "مئل ماڻهوءَ جو نالو ماتر جي رسمي عرصي گذرڻ کان پوءِ ٻ، ڪافي عرصي تائين ڪونہ ڪندا آهن". ڳاڙهن هندستانين جي "پاياليوپ" قبيلي وارن تان مئل ماڻهن جي نالي کڻڻ جي پابندي تڏهن هٽائي ويندي آهي، جڏهن ان جي پسماندن کان ان جو غم وسري ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن نامياري جنگي جوڌي جو ماتر هوندو آهي، تہ پوءِ انهيءَ رسمي عرصي گذرڻ کان پوءِ، ان جي ڪنهن پوٽي يا پڙپوٽي تي ان جو نالو رکندا آهن. مئل ماڻهوءَ جي ويجهن مائٽن کان سواءِ، انهيءَ قبيلي جو ٻيو ڪوبہ ماڻهو فوتيءَ جو ماتر گهٽي عرصي تائين ڪوبہ ڪندو آهي. عيسائي مبلغ "لافيٽائو" چوي ٿو تہ انهيءَ قبيلي وارا مئل ماڻهوءَ جي نالي سان گڏ، جيڪڙن ماڻهن جا ان جهڙا نالا ۽ سڙدي سان گڏ دفن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن ساٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو غم گھٽبو هو يا بلڪل ختم ٿي ويندو هو، تڏهن فوتيءَ جا ويجها عزيز "مردي کي وري باهر ڪڍندا هئا". مردي کي باهر ڪڍڻ مان سندن مطلب انهيءَ ماڻهوءَ جي نالي جي دوباره استعمال ڪرڻ جو هو، چوتم وحشين جي عقيدي مطابق نالو ماڻهوءَ جي جسم جو هڪ اهم حصو آهي.

لٽپسلٽنڊ جي باشندن جو اهو عقيدو آهي ته پيٽ واري عورت جڏهن ويم جي قريب هوندي آهي، تڏهن ان جو ڪو نه ڪو وڏو ابو يا ڏاڏو ڪيس خواب ۾ اچي ٻڌائيندو آهي ته سندس پار جي ذريعي سندن ڪهڙو وڏو نئون جنم ولي اچي رهيو آهي، جو ان تي سندس نالو رکيو وڃي. جيڪڏهن ان عورت کي اهڙو ڪو خواب ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ته پوءِ اهو فرض ايندڙ پار جي پيءُ يا پين ويجهن مائٽن تي عائد ٿيندو آهي ته جادوگر جي مشوري سان يا ٻئي ڪنهن ٻنموني سان هو ان جو نالو تجويز ڪن. "گونڊ" قبيلي وارا پار جي جنم کان ست ڏينهن پوءِ، دعوت ڪندا آهن، جنهن ۾ ڳوٺ جي پنڊت ۽ سيني پين ماڻهن کي گهرائيندا آهن. پنڊت چانور هٿ ۾ ڪٽي داڻو داڻو ڪري پاڻيءَ ۾ اڇلائيندو ويندو آهي ۽ هرهڪ داڻي مان انهيءَ خاندان جي هڪ هڪ وڏي مائٽ جو نالو ڪٺندو آهي. پاڻيءَ جي مٿان چانورن جا داڻا جنهن نموني سان چرندا پرندا آهن ۽ چاول پار جي جسم تي جهڙي قسم جا نشان موجود هوندا آهن، تن مان پنڊت اندازو لڳائيندو آهي ته پار ۾ ڪهڙو وڏو جنم ولي آيو آهي، ۽ انهيءَ ئي نموني سان پوءِ پار کي نالو ڏنو ويندو آهي.

"يوروبا" قبيلي وارن ۾ جڏهن ٻه ڪو پار جمندو آهي، تڏهن "ايفا" ديوتا جو پوجاري اتي ايندو آهي ۽ پار کي ڏسي اندازو لڳائيندو آهي ته منجهس ڪهڙو وڏو جنم ولي آيو آهي. جنهن وقت ان ٻالهه جو فيصلو ٿي ويندو آهي ته پار ۾ ڪهڙي وڏي جو روح سمايل آهي، ان وقت پار جي مائٽن کي حڪم ڏنو ويندو آهي ته هوپار ۾ انهيءَ وڏي جون خصلتون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، ۽ جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار جي والدين کي ان وڏي جون سيٽي خصلتون ياد نہ هونديون، تہ ان حالت ۾ اهي وسريل خوبيون کين پنڌت دوباره ڏيارينديو ۽ ياد ڏياريندو آهي، ظاهر آهي تہ اهڙي ٻار تي انهيءَ وڏي جوئي نالو رکيو ويندو آهي.

۴۔ بادشاهن ۽ مقدس شخصن جي ڏنل وڻڪ ني بندش: اوائلي معاشرن ۾ عام ماڻهن جا نالا جنهن صورت ۾ ايڏي احتياط ۽ حفاظت سان کنيا ويندا آهن، تہ پوءِ ان ۾ اڪو عجب کونهي، جو مقدس بادشاهن ۽ پوجارين جي نالن کي نقصان کان بچائڻ لاءِ ڀاڙ ان کان زياده حفاظت کان ڪم ورتو ويو. ڏاهوميءَ جي بادشاهن جي نالن کي هميشه پوشيده رکيو ويندو آهي تہ متان کي دشمن کين نقصان رسائين. ڏاهوميءَ جي بادشاهن کي جن نالن سان يورپي سياح ڄاڻندا آهن، سي انهن جا اصلي نالا کونہ هوندا آهن، اهي محض سندن لقب هوندا آهن، جن کي مقامي ماڻهو "مضبوط نالا" سڏيندا آهن. مقامي ماڻهو چوندا آهن تہ جيڪڏهن انهن لقبن جي ڪنهن کي خبر پڪٽي پوي، تڏهن ۽ هرج کونهي، چو تہ اهي نالن وانگر ماڻهوءَ جي وجود جو اهم حصو کونهن. "گهيرا" جي "گالا" سلطنت ۾ بادشاه جو اصلي نالو کوبہ مقامي ماڻهو کونہ ڪٽي سگهندو آهي، چو تہ انهيءَ حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ واري کي قتل ڪيو ويندو آهي. ۽ جن رواجي لفظن جو آواز ۽ بادشاه جي نالي جي آواز جهڙو هوندو آهي، تن کي ۽ ڦيرائي گهيرائي ڪنيو ويندو آهي، يا انهن جي بجاءِ باڪل نوان لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. مرڪزي آفريڪا جي باهيما قبيلي وارن ۾ بادشاه جي مرڻ کان پوءِ سندس نالي کي قوم جي هوليءَ مان خارج ڪيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن ان جو نالو ڪنهن جانور جو هوندو آهي، تہ پوءِ ان جانور جي نالي کي هڪدم تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي نئون نالو ڏنو ويندو آهي. مثلاً بادشاه کي گهٽو ڪري "شينهن" سڏيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهڙي نالي وارو بادشاه مري ويندو آهي، تہ پوءِ پيري پيري سان شينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ٿيڻ نالو ايجاد ڪيو ويندو آهي. سيار جي بادشاه جي اصلي نالي جي خبر پوڻ ڏاڍي مشڪل هوندي هئي، پر جيڪڏهن ڪو بدنصيب غلطيءَ ڪان ان جو نالو ڪٽي ويهندو هو، تہ ان کي هڪدم جيل اماڙيو ويندو هو. بادشاه کي فقط اعليٰ لقبن سان ياد ڪيو ويندو هو، جهڙوڪ "وڏي رتبي وارو"، "ڪامل"، "سيني ڪان اعليٰ"، "عظيم شهنشاه"، "ملائڪن جو اولاد"، وغيره، وغيره. برما جي بادشاه جو نالو ڪٽڻ وڏي پ وڏو گناه سمجهيو ويندو هو، اتان جا رهاڪو پنهنجي ملڪ ڪان ڪٽي ڪيترو پ دور هوندا هئا، تہ پ پنهنجي بادشاه جو نالو زبان تي ڪونہ آڻيندا هئا. تخت نشينيءَ ڪان پوءِ بادشاه کي سندس شاهي لقبن سان سڏيو ويندو هو، پر هن جو اصلي نالو ڪوبہ ڪونہ ڪٽي سگهندو هو.

آفريڪا جي "زولو" قبيلي وارا پنهنجي سردار جو نالو اصل ڪونہ ڪٽندا آهن ۽ نہ وري سندن وڏن جو نالو ڪٽندا آهن، نہ وري کي اهڙا لفظ ڪي زبان تي آڻيندا آهن، جن جي معنيٰ يا آواز انهن نالن سان ملندو هجي. "ڏوانڊوي" قبيلي وارن جي هڪڙي سردار جو نالو "لانگا" هوندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي "سچ"، جنهنڪري سچ جي نالي کي "لانگا" مان ڦيرائي "ڪالا" ڪيو ويو، جو اڄ تائين قائم آهي، جيتوڻيڪ لانگا سردار کي فوت ٿئي سَوَ ڪان مٿي سال ٿي ويا آهن. "زنوسايو" قبيلي وارن پ "ڏورن" کي پهرائڻ" جي لفظ "الوسا" يا "ايويا" کي ڦيرائي "ڪاگيسا" ڪيو ويو، چو تہ سردار جو نالو "امايوسي" هو. انهن پابندين ڪان علاوه، جن تي هرهڪ قوم ۽ قبيلي وارا جدا جدا طريقي سان عمل ڪندا هئا، سڀئي "زولو" قبيلن وارا گڏجي انهيءَ بادشاه جي نالي استعمال ڪرڻ ڪان پ سخت پرهيز ڪندا هئا، جنهن کي هو پنهنجو مشترڪ مهندار ڪري ليکيندا هئا. ان ڪري جنهن زماني پ زولوئن تي پانڊا بادشاه جي حڪومت هئي، ان وقت زولو قبيلن وارن "وڻ جي ٻاڙ" جي اصلي لفظ "امپانڊو" کي ڦيرائي "نڪسابو" ڪري چڏيو. وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪوڙ ڳالهائڻ" يا "ڪلا ڪرڻ" جي لفظ "ايماسيبو" کي "اما ڪواتا" ۾ تبديل ڪيو ويو، چو ته ان ۾ اتان جي مشهور بادشاه "سيچوايو" جي نالي جا ٻ حرف شامل هئا. اهي تبديليون اتان جا مرد ايتريقدر ڪونہ آڻيندا آهن، جيتريقدر زالون آڻيندیون آهن، چو ته هو هر اهڙي حرف کي زبان تي آڻڻ کان خاص پرهيز ڪندیون آهن، جن جو آواز ٿوري گهڻي نموني سان ٻ ڪنهن بندش ۾يل نالي سان ملندو آهي. مقامي بادشاه جي 'محلات' ۾ سندس بيگمن جي ٻولي سمجهڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي، چو ته هو نہ فقط بادشاه ۽ سندس ابن ڏاڏن جي نالن کڻڻ کان پرهيز ڪندیون آهن، پر سندس پائرن، انهن جي مائٽن سٽن ۽ ستن ٻيڙهين جي عزيزن ۽ قريبن جا نالا، جيستائين کين ياد هوندا آهن تيستائين، ڪونہ ڪٽندیون آهن. مطلب ته جڏهن خاندانن جي خانگي پابندين تي غور ڪجي ٿو، جيڪي وڏن ۽ سٽن مائٽن جي نالن کڻڻ تي سٽن ۾يل هوندیون آهن ۽ جن جو اسين مٿي ڪافي ذڪر ڪري آيا آهيون، ته ٻوه اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ته زولولئنڊ جي هرهڪ قبيلي ۽ قوم جي جدا جدا ٻولي چو آهي. اها ڳالهه ايتريءَ حد تائين وڏيل آهي جو هڪ گهر وارا جيڪي لفظ استعمال ڪندا آهن، سي پر وارا ٻيا خاندان ڪونہ استعمال ڪندا آهن. هڪ ڪوٽ جون زالون "چراغ" کي اصلي نالي سان سڏيندیون هوندیون ته پر واري ٻئي ڪوٽ واريون وري ان جو ڪو نعم البدل استعمال ڪندیون، ته وري ٽئين ڪوٽ واريون ان جو به استعمال ڪونہ ڪندیون، پر اڃا ڪو ٻيو نئون لفظ ان لاءِ ايجاد ڪندیون ... جنهنڪري زولو ٻولي هن وقت ٻٽي ٻولي آهي، جنهن جي هر هڪ لفظ لاءِ ٻه، ٽي ٽي نعم البدل موجود آهن، ۽ هزارن شين جا چار چار نالا آهن، جي مختلف قبيلن جي لهه وچڙ ڪري سڀني ۾ مروج آهن.

مٺڙا ڪاسڪر ۾ به ساڳيءَ رسم جي موجود هڻ ڪري، زولن وانگر، هرهڪ قبيلي جي ٻوليءَ ۾ ٿورو گهڻو تفاوت ٽي ٻيو آهي، انهن ماڻهن ۾ خانداني نالا ڪونہ هوندا آهن، ۽ گهڻو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀني شخصي نالا روزمره جي استعمال ٿيندڙ عام شين جا نالا هوندا آهن، يا ڪن وقتن تي ڪن خاصيتن، خوبين ۽ ڪمن جا نالا به ماڻهن تي رکيا ويندا آهن، مثلاً ڪي، جانور، ونڻ، ٻوٽو، رنگ، وغيره، جڏهن به انهن لفظن مان ڪو سردار جو نالو هوندو آهي يا اِن جي نالي جو ڪو حصو هوندو آهي، تڏهن انهيءَ شيءَ جو نالو ڏيڻائي ٻيو رکيو ويندو آهي. ظاهر آهي ته هن حالت ۾ جڏهن هرهڪ ننڍي وڏي قبيلي جي سردار جو نالو روزمره جي استعمال جي شين، ونڻ، جانورن، وغيره، جي نالن مان هوندو، جنهن جو زبان تي آڻڻ ممنوع هوندو. ته پوءِ ان صورت ۾ انهن قبيلن جي هولين ۾ ڪيترينقدر نه موڪلجهارو ٻيدا ٿي پوندو هوندو! ان هوندي به اهڙيون قومون ۽ اهڙا ماڻهو موجود آهن، جي انهيءَ موڪلجهاري تي ڪوبه اعتراض نٿا ڪن ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر انهيءَ عجيب و غريب ظلم اڳيان بغير ڪنهن چون و چرا جي پنهنجو سمس نوائين ٿا. انهيءَ رسم مان جيڪي تڪليف ده نتيجا نڪرن ٿا، تن جو اثر مٽيا گاسکر جي الهندي ڪناري تي نمايان آهي، جو ته اتي ايترا ته آزاد ۽ خودمختيار ننڍا ننڍا سردار موجود آهن، جو انهن جي علائقن ۾ عام شين، جاين، درياهن، جبلن وغيره جي نالن ۾ ڪيترائي دفعا ڦيرڦير آندي ويئي آهي، ۽ جڏهن ڪنهن به شيءَ جي اصلي نالي کي مقامي ٻوليءَ مان هڪ دفعو خارج ڪيو ويندو آهي، تڏهن ڪوبه مقامي ماڻهو ان لفظ کي ان جي اصلي مطلب ۽ مقصد سان نه استعمال ڪندو آهي ۽ نه ئي قبول ڪندو آهي ته هن اهڙي لفظ کي انهيءَ مطلب ۽ معنيٰ سان ڪڏهن استعمال به ڪيو هو!

مٽيا گاسکر ۾ نه فقط زنده سردارن ۽ بادشاهن جي نالن جي استعمال تي بندش هوندي آهي، پر مئل بادشاهن ۽ سردارن جي نالن تي به پيٽ جي ڪن حصن ۾ اهڙي ئي سخت پابندي عائد ٿيل هوندي آهي. "ساڪالاوا" قبيلي وارن جو جڏهن ڪو بادشاه مرندو آهي، تڏهن هن کي دفن ڪرڻ کان اڳ، قبيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سپيئي ننڍا وڏا، هن جي جنازي جي اردگرد جمع ٿي، فيصلو ڪندا آهن، ته آئنده مرحوم بادشاه جي ذڪر ڪرڻ وقت ڪيس کهڙي نئين نالي سان پڪارڻ گهرجي. نئين نالي جي فيصلي کان پوءِ، بادشاه جو اصلي نالو مقدس سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کي زبان تي آڻڻ کان هرڪنهن کي منع ڪئي ويندي هئي. خلاف ورزي ڪندڙ کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي. ازانسواءِ عام پوليءَ ۾ جيڪي ٻ لفظ مرحوم بادشاه جي نالي سان آواز يا معنيٰ ۾ ملندڙ هوندا آهن، سي ٻ پوليءَ مان خارج ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي بدران نوان الفاظ ايجاد ڪيا ويندا آهن. جيڪي ماڻهو انهن خارج ٿيل لفظن کي زبان تي آڻيندا آهن ، يا کين استعمال ڪندا آهن، سي بدتميز ۽ ڏوهاري سمجهيا ويندا آهن، ۽ انهن جو اهو ڏوه موت جي سزا جي لائق سمجهيو ويندو آهي. بهرحال اهي پابنديون ۽ بندشون فقط انهيءَ علائقي ۾ ٻيل هوندیون آهن، جنهن ۾ ڪوئي بادشاه جي حڪومت هوندي هئي. پر وارن علائقن ۾ اهي لفظ پنهنجين اصلي معنائن ۾ ئي استعمال ڪيندا رهندا آهن.

پالينيشيا ۾ سردارن جي جسمن کي جيڪا اهميت ۽ عزت ڏني ويندي هئي، سا سندن نالن کي ٻ ڏني ويندي هئي، ڇو ته وحشين جي اعتقادن موجب ماڻهن جي شخصيتن ۽ سندن نالن ۾ ڪو فرق ڪونہ هوندو آهي ۽ ٻيئي هڪٻئي جا اهم حصا ۽ جزا آهن. ان ڪري پالينيشيا ۾ ٻ اسان کي اهڙين پابندين ۽ بندشن جي باقاعده موجودگي نظر اچي ٿي، جهڙي مڊاگاسکر ۽ زولولينڊ ۾ اسين ڏسي چڪا آهيون. اهڙيءَ طرح، نيوزيلينڊ ۾ ٻ سردار جي نالي کي اهڙو ته مقدس سمجهيو ويندو آهي، جو جيڪڏهن اهو نالو ڪنهن رواجي شيءَ جو هوندو آهي ، ته ان شيءَ کي هڪدم ٻيو نالو ڏنو ويندو آهي ۽ پراڻي لفظ کي هميشه لاءِ خارج ڪيو ويندو آهي. مثال طور، ايسٽ ڪيپ جي ڏکڻ ۾ هڪ سردار جو نالو "ماريبي" هو، جنهن جو مطلب هو "چاڪون" ، ان جي مرڻ کان پوءِ چاڪونءَ لاءِ ٻيو نئون لفظ ("ٽيڪرا") ايجاد ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ۽ ان جو پراڻو نالو استعمال کان نڪري ويو. ٻئي هنڌ وري ٻاڻيءَ لاءِ نئون لفظ ("وائي") ناهڻو پيو هئن، چو ته اتان جي سردار جي نالي ۾ اهڙو آواز شامل هو، جنهنڪري اها سردار جي بيعزتي سمجهي ويئي هئي ته ٻاڻيءَ جهڙيءَ عام جام شيءَ جو نالو سندس مقدس نالي ۾ شامل هجي. انهيءَ ساڪيءَ رسم جي ڪري ماڻوري ٻولي ۾ هزارين هم معنيٰ لفظ پيدا ٿي پيا آهن ۽ نئين آيل ماڻهوءَ کي ڏاڍو مونجهارو ٿيندو آهي، چوته هو هڪڙي قبيلي ۾ جيڪي لفظ سڪندا آهن، سي ٻئي قبيلي وٽ مروج ڪونه هوندا آهن. ٽاهٽيءَ ۾ جڏهن نئون بادشاه تخت تي ويهندو آهي، تڏهن اهڙا سيئي لفظ ٻوليءَ مان خارج ڪيا ويندا آهن، جيڪي ان جي نالي سان ملندڙ هوندا آهن، يا ان جي آواز جهڙا هوندا آهن، يا انهن جو ڪو حصو ان ۾ شامل هوندو آهي. ڪذريل زماني ۾ جڏهن به ڪو ماڻهو انهيءَ رسم جي خلاف ورزي ڪندو هو ۽ پل چڪ کان ممنوع الفاظ استعمال ڪري وجهندو هو، ته ٻوءِ نه فقط ان کي ۽ سندس سڀني مٽن ماٽين ۽ عزيزن کي، قتل ڪرايو ويندو هو، پر لفظن جون اهڙيون تبديليون عارضي هوندیون هيون، جاڪاڙ ته واسطيدار بادشاه جي مرڻ کان ٻوءِ نوان ايجاد ٿيل لفظ استعمال مان نڪري ويندا هئا ۽ اصلوڪا پراڻا لفظ وري پنهنجيءَ جاءِ تي استعمال ٿيڻ شروع ٿي ويندا هئا.

قديم يونان ۾ "ارسطوفينس" جي ڀر اسرار ٻوڙا سان جن بادرين ۽ اعليٰ عملدارن جو سڌو سنئون واسطو هوندو هو، تن جا، سندن جيئري، نالا ڪونه ڪنيا ويندا هئا. انهن نالن کي زبان تي آڻڻ قانوني ڏوهه هو. "ليوسين"* جي ڪتاب ۾ هڪڙي مذاقيه ڪردار کي ٻڌايو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن هڪڙي خسيس ماڻهوءَ کي ڏٺو، جنهن کي اهي پادري حضرات پوليس جي ٽاڻي ڏانهن ڇهليندا ٻئي ويا، چو ته هن انهن جي نالي ونڊ جي جرئت ڪئي هئي، جيتوڻيڪ هن کي اها پليءَ پت جاڻ هئي ته،

* مشهور طنزنگار ۽ مضمون نويس- پيدائش : عيسوي ٻي صديءَ جي وچ ڌاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي عهدي سنيالڻ کان پوءِ اهڙيءَ جسارت لاءِ سزا مقرر ٿيل هئي، جو ته هنن جي پراڻن نالن جي بدران کين نوان نالا ۽ لقب ڏنا ويا هئا ۽ هو مقدس ٿي پيا هئا ۽ سندن پراڻا نالا بي معنيٰ ۽ استعمال کان خارج ڪيا ويا هئا. ايليوسيءَ ۾ جيڪي نوشتا لڌا ويا آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن مقدس پادرين جي اصلوڪن نالن کي اونهي سمنڊ جي تري ۾ اچلايو ويندو هو. چا ڪندا هئا، جو انهن پاڪ نالن کي شيهي يا ڪنجهي جي تختين تي اکيري، تختين کي سلاميز نار وٽ سمنڊ ۾ اچلائي ڇڏيندا هئا. انهيءَ ڪارروائيءَ جو مقصد پادرين جي نالن کي راز ۾ رکڻ جو هو ۽ راز ۾ رکڻ جو انهيءَ کان بهتر ٻيو ڪهڙو طريقو ٿي ٿي سگهيو؟ انساني جسر ۽ ان سان واسطي رکندڙ ٻيجان شين جي رابطي جي متعلق غلطفهميءَ جي بنيادن تي ٻئل اعتقاد جو مثال، مهذب يونانين جي انهيءَ عقيدي کان زياده صاف ۽ واضح ٻيو ڪو مشڪل ملندو.

۵- ديوتائن جي نالي کڻڻ ٿي بندش: اوائلي انسان پنهنجن ديوتائن ۽ خدائن جو تصور انساني شڪل و صورت ۾ ڪيو آهي. هزارها سال اڳ زينوفينس* چيو هو ته "حبش جي خدائن جو رنگ ڪارو ۽ نڪ ويڪڙا هوندا آهن، ٿريشيا جا ديوتا سرخ ۽ سفيد رنگ جا هوندا آهن ۽ سندن اکيون نيريون هونديون آهن، ۽ جيڪڏهن گهوڙا، ڏڪا ۽ شينهن ديوتائن ۾ يقين رکن ها ۽ انهن جي تصويرن کيڏڻ لاءِ کين همٿ هجن ها، ته اهي يقيناً کين گهوڙن، ڏڪن ۽ شينهن جي صورت ۾ ڪيڻ ها". سو، جهڙيءَ طرح هڪ پراسرار وحشي جادوگرن جي ڊپ کان پنهنجي نالي کي پوشيده رکي ٿو، اهڙيءَ طرح هو سمجهي ٿو ته سندس ديوتائن کي به پنهنجو اصلي نالو لکائي رکڻ گهرجي، ته متان ٻيا ديوتائون يا انسان سندس اصلي نالي کان واقف ٿي، کيس نقصان پهچائين، يا ان سان ڪنهن خطرناڪ جادوءَ جو سامان ڪاهين. ديوتائن

* يونان جو هاڪارو فيلسوف- جنم: ڇهين صدي ق. م. جو ٿيون يا چوٿون ڏهاڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٺالن کي پوشيده رکڻ جي اعتقاد کي قديم مصرين انٿهائي حد تائين پهچايو هو، جتي قديم زماني جا وهم انسانن جي دلين ۾ اهڙي ٿي موثر طريقي سان سانڊي رکيا ويا هئا، جيئن هنن پنهنجن ٻلين، واڳن ۽ ٻين ديوتائي جانورن جا لاش جبل جيڏين پٽرائين قبرن ۾ محفوظ ڪري رکيا هئا. انهيءَ اعتقاد جو هڪ بهترين مثال اسان کي چالاڪ "آئسيس" جي قصي مان ملي ٿو، جنهن وڏيءَ حرفت سان سورج جي عظيم مصري ديوتا "را" کان سندس اصليءَ ۽ پوشيده نالو معلوم ڪري ورتو هو. ڪالهه هن طرح آهي ته آئسيس هڪ انٿهائي شيرين زبان عورت هئي، جا انسانن جي دنيا کان ٻيزار ٿي ويئي هئي. ۽ ديوتائن جي دنيا ۾ رهڻ جو شوق هوس. هن پنهنجي دل ۾ اهو خيال ڪيو ته "جا، اڻين نڪو ٿي سگهي ته آءٌ عظيم سورج ديوتا "را" جي اصلي نالي جي برڪت سان پاڻ کي ديوي ٻڌائي، زمين ۽ آسمان ۾ ديوتائن وانگر حڪومت ڪري سگهان؟" چو ته "را" جا گهڻا ئي نالا هئا، پر سندس اصلوڪي نالي جي، جنهن جي مدد ۽ برڪت سان هو انسانن ۽ ديوتائن تي حڪومت ڪندو هو، خود "را" کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. انهيءَ زماني ۾ "را" ديوتا ٻوڙهو ٿي ويو هو ۽ سندس ذات هميشه ڪليل رهندو هو، جنهنڪري ان مان سدائين گگ وهندي هيٺ زمين تي ڪرندي هئي. آئسيس کي موقعو ملي ويو ۽ هن هڪ ڏينهن سورج ديوتا جي گگ مٽيءَ سميت ڪٽي ان کي ڳوهي، ان مان هڪ وڏو نانگ ناهيو، جو هن ديوتا جي اڳ وچ واري رستي ۾ رکي ڇڏيو، جتان هو هر صبح ۽ شام، پنهنجيءَ مرضيءَ موجب، ٻنهي جهانن جي بادشاهيءَ جي انتظام لاءِ ايندو ۽ ويندو هو. انهيءَ ڏينهن جڏهن هو همیشه وانگر پنهنجن ديوتائن سان گڏ واپس اچي رهيو هو، تڏهن هن کي انهيءَ مقدس نانگ ڏنگي وڏو، جنهن تي ديوتا وات قاڙي اهڙي دانهن ڪئي، جا آسمانن ۾ گونجي ويئي. جيڪي ديوتائون ساڻس شريڪ هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن کان رڙ نکري ويئي۔ "چا ٿيو؟ ڏسجانءِ! خبردار ٿجانءِ!" ڙ هن کين کوبه جواب کونه ڏنو. هن جون چاڙيون ڏکي رهيون هيون ۽ ڏند کڙ کڙ ڪري رهيا هئا. هن جو هرهڪ عضوو ڪنبڻ لڳو. ۽ زهر سندس جسم مان ائين وهڻ لڳو، جيئن نيل درياه خشڪ ۽ ايابل زمين مٿان وهندو آهي. جڏهن عظيم ديوتا پنهنجي حواسن تي ڪنهن قبضو ڪيو ۽ سندس ساهه ٽوروسامت ۾ آيو، تڏهن زوردار آواز ۾ چيائين۔ "اي منهنجا برڙڻ منهنجي جسم جي پيدائش، مون ڏانهن اچو! آءٌ بادشاه آهيان، بادشاهه جو پٽ آهيان، ديوتائن جو مقدس اولاد آهيان، منهنجي پيءُ منهنجو نالو تجويز ڪيو هو. ۽ منهنجي پيءُ ۽ ماءُ مون کي منهنجو نالو ڏنو هو. جو جنم جي وقت کان وٺي منهنجي دل اندر دفن ٿيو پيو آهي. ۽ جيئن ڪنهن جادوگر کي منهنجي مٿان جادوءُ ڪرڻ جي طاقت نه رهي۔ آءٌ پنهنجي تخليق کي ڏسي لاءِ ويڙ هوس ۽ آءٌ پنهنجن هٿن سان پيدا ڪيل پنهي جهانن ۾ سير ڪري رهيو هوس. ته اوچتو ڪنهن شيءِ مون کي ڏنگي وڌو آهي. اها ڪهڙي شيءِ هئي؟ مون کي خبر نه آهي ته اها باه هئي، يا اهو پاڻي هو. منهنجي دل ۾ باه آهي، منهنجو گوشت ٽڙڻ ڪري رهيو آهي ۽ منهنجا عضوا ڏکي رهيا آهن. شفا بخش لفظن ۽ هوشمند چين وارا ديوتائن جا پالڪ مون ڏانهن وٺي اچو. جن جي طاقت آسمان تائين پهچندڙ آهي." تڏهن ديوتائن جا بادشاهه ايا ۽ اهي ڏاڍا غمگين هئا. آئسيس پنهنجي حرفت، ۽ هنر سوڌي اتي اچي پهتي، جنهن جا چپ حيات بخش ساهه سان ڀريل هئا، جنهن جي منتر ۾ درد کي دفع ڪرڻ جي طاقت هئي، ۽ جنهن جي هڪ لفظ ۾ مرندڙ ماڻهوءَ کي زنده ڪرڻ جي قوت موجود هئي. اچڻ سان هن ديوتا کان پڇيو: "اي مقدس ابا، چا حال آهي؟ تو کي ڪهڙي تڪليف آهي؟" مقدس ديوتا وات کولڻ ۽ هيئن چيو: "آءٌ پنهنجو رستو وٺي ٿي ويس ۽ پنهنجن پيدا ڪيل جهانن کي ڏسڻ ٿي ويس، ته مون کي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانگ ڏنگي وڏو، جنهن کي مون اکين سان ڪوڙ ڏٺو. چا، اڃا باهه آهي؟ چا، اهو پاڻي آهي؟ آءٌ پاڻيءَ کان وڌيڪ ڏڏو ڦڻي ويو آهيان، باهه کان زياده جلائن ٿو: منهنجا سڀ عضوا پاڻيءَ وانگر ٿڌي ويا آهن. آءٌ ٽڙڪي رهيو آهيان، منهنجون اکيون هڪ هڏ نٿيون ڄمي سگهن، مون کي آسمان نظر نٿو اچي، منهنجي ٻڌڻ شڪتيءَ ۽ منهن تي ڦهر جون ايتريون ڌارائون آهن جيتريون شبنم وسڻ ڌڻ ساون ٿن تي هونديون آهن." ان کان پوءِ آڏسيس هيٺ ڪري ڪالڪا ديوتا کي چيو: "اي مقدس ابا! مون کي پنهنجو نالو ٻڌاءِ. چوتم جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي نالي سان سڏيو، اهو جيئرو رهندو." "را" ديوتا جواب ڏنو. "مون زمين ۽ آسمان خلقيا، مون جبلن کي ٻڌاريو، مون وسيع بحرن کي تجويز ڪيو، ۽ مون پنهنجي طاقت کي پکڙي واڌر چڪي ٻڌاريو. آءٌ اهو آهيان، جو اکيون ٿو کوليان ته ڏينهن ٿو ٿئي، ٻوليان ٿو ته رات آهي." منهنجي حڪم تي ٻيل درياه ۽ مڙجون ٽيون ٻيدا ٿين. ۽ منهنجي نالي کان ديوتائن کي ۽ واقفيت ڪاٿهي. آءٌ صبح جو "ڪيپرا" آهيان، منجهند جو "را" آهيان ۽ شام جو "تمو" آهيان." ۽ اڃا ۽ زهر سندس جسم سان ڪونڪتو ۽ تيئن وڌيڪ اندر جذب ٿيندو ويو، ۽ عظيم ديوتا هلڻ کان لاچار ٿي ٻيو. آڏسيس وري چيو: "تو جوڪي نالا مون کي ٻڌايا، تن سان گڏ، تنهنجو اصلي نالو ڪهڙو هو هاڻ هاڻ مون کي پنهنجو اصلي نالو ٻڌاءِ، ته زهر جو اثر زائل ٿي، چو ته آهوٽي زنده رهندو، جنهن کي مقدس اصلوڪي نالي سان سڏيو." ان وقت زهر باهه کان زياده تيزيءَ سان ساڙي رهيو هو. ان جو اثر تيز ۽ تيز باهه جي شعلن کان ۽ زياده ساڙيندڙ هو. ديوتا چيو: "چگو پلا، مون کي قبول آهي. ته آڏسيس منهنجي سيڪي ۽ سانديل نالي کي ڏونڊي ۽ منهنجي نالي کي پنهنجي سيڪي ۽ منتقل ڪري." ان کان پوءِ ديوتا پاڻ کي بين ديوتائن کان لڪايو، ۽ ابد جي غوراب ۽ سندس جاءِ خالي هئي. آهڙيءَ طرح عظيم ديوتا کان سندس اصلوڪو نالو معلوم ڪيو ويو، جنهن کان پوءِ ڏاڍي آڏسيس چيو: "اي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهر ۽ نکري وڃ! 'را' جي جسم کي چڏي وڃ! آڳ زهر تي غالب آهيان، ان کي زمين دوز ٿي ڪريان، چو ته عظيم ديوتا جو نالو ڪانئس حاصل ڪيو ويو آهي. پلي ته 'را' جيئي، پلي ته زهر فنا ٿئي!" ان نموني عظيم آئسيس، ديوتائن جي راڻيءَ، ڳالهايو، جيڪا عظيم ديوتا "را" کي سڃاڻي ٿي، ۽ جنهن کي ان جي نالي جي خبر آهي.

هن قصي مان معلوم ٿو ٿئي ته ديوتا جو اصلوڪو نالو، جنهن سان سندس سمورين ڪراماتي طاقتون وابسته هيون، پنهنجي جسماني طور، سندس سيني اندر پوشيده رکيل ڇڏيو ويندو هو، جتان نيٺ ان کي آئسيس ڪنهن 'جراحي عمل' جي ذريعي ان جي سيني ڪراماتي ۽ معجزاتي طاقتن سميت ڪڍي، پنهنجي سيني اندر منتقل ڪيو. ڪنهن وڏي ۽ طاقتور ديوتا جي اصلوڪي ۽ حقيقي نالي جي ڄاڻ حاصل ڪري، ان کي پاڻ سان واپسته ڪري، منجهائنس ڪراماتي طاقتن جي حاصل ڪرڻ جو رواج قديم مصر ۾ عام جام هو. ۽ اهي ڳالهيون محض کي ڏندڪٿائون ڪونه هيون. قريب قريب هرهڪ مصري جادوگر اهڙن طريقن سان ان قسم جون قوتون پاڻ وٽ آڻڻ جو اهتمام ڪندو هو، چو ته اهو عام اعتقاد هو ته جنهن کي ۽ ڪنهن ديوتا يا ماڻهوءَ جي اصلي نالي جي واقفيت حاصل هوندي، تنهن کي ان ديوتا يا ماڻهوءَ جي وجود مٿان قبضو حاصل هوندو، ايتريقدر جو هوءَ خود ديوتا کان ۽ اهڙي نموني سان پنهنجن حڪمن جي تعميل ڪرائي سگهندو جهڙي نموني سان هڪ آقا پنهنجي غلام کان پنهنجن حڪمن جي پوئواري ڪرائيندو آهي. ان ڪري جادوگر جو وڏي ۾ وڏو هنر ديوتائن کان سندن اصلوڪن نالن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ سمجهيو ويندو هو، ۽ هر جادوگر انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هر طريقو استعمال ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڪمزوريءَ يا غفلت جي لحظي ۾ ڪو ديوتا جادوگر کي پنهنجو اصلوڪو ديوتائي نالو ٻڌائي وڃهندو هو، ته پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ سواءِ جادوگر جي حڪم ۾ جي ٻيو ڪو چارو ئي باقي ڪونہ بچندو هو.

ديوتائي نالن جي ڪراماتي اثر ۽ رومن قوم جو به پختو عقيدو هوندو هو. جڏهن به هو ڪنهن شهر کي گهيرو ڪري، قلعي جي دروازو جهلي ويهي رهندا هئا، تڏهن سندن پادري اُن شهر جي 'محافظ ديوتا' کي هڪ مقرر ٿيل ۽ رسمي دعا يا منتر سان مخاطب ٿي، ڪيس اُن گهيري هيٺ آيل شهر جي پڄر چڏي سندن طرف اچڻ لاءِ آماده ڪندا هئا، ۽ ساٿس اڳوئي يا ان کان به زياده عزت ۽ مان واريءَ هلت ڪرڻ جو هو وعدا ڪندا هئا. اهوئي سبب هو، جو روم شهر جي محافظ ديوتا جي اصلي نالي کي نهايت پوشيده رکيو ويندو هو، ته متان روسي جمهوريه جا دشمن ڪيس لالچائي شهر کي چڏي وڃڻ لاءِ ڪنهن نموني آماده نہ ڪري وجهن، جيئن هنن پاڻ ڪيترن ئي شهرن جي ديوتائن کي لالچائي انهن کي شهر چڏي پڄي وڃڻ لاءِ آماده ڪيو هو. نہ رڳو ايترو پر ڪن حالتن ۾ محافظ ديوتا جي نالي سان گڏ خود شهر جي اصلي نالو، کي به راز ۾ رکيو ويندو هو، ۽ مقدس مذهبي رسمن جي ادائگيءَ جي دوران ۾ به ان کي زبان تي ڪونہ آندو ويندو هو. چون ٿا ته "وٽليرس سورينس" نالي هڪ شخص هڪ دفعي انهيءَ قيمتي راز کي فاش ڪري وڌو هو، جنهنڪري ڪيس قتل ڪيو ويو هو، يا، هڪ روايت مطابق، هن جي پڇاڻي انتهائي دردناڪ واقع ٿي هئي. ساڳئي طريقي سان قديم اسيريا جا باشندا ۾ پنهنجن شهرن جي پراسرار نالن کي ظاهر نہ ڪندا هئا، ۽ هنن کي اهڙيءَ جرئت ڪرڻ کان سخت منع ٿيل هئي. اڄ به ڪوه قاف جا "چيريمس" قوم وارا اهڙي ئي ڪنهن وهم جي اثر ماتحت پنهنجي قبيلي جي ڪن خاص ڪوٽن جا نالا ظاهر ڪونہ ڪندا آهن ۽ انهن کي صيغہ راز ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

شخصي نالن سان متعلق بيان کيل جيڪي وهم وابسته ڪيا ويندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ، تن جو هيستائين جيڪڏهن پڙهندڙن صبر ۽ ڏيان سان اپياس ڪيو هوندو، تہ پوءِ کين قبول ڪرڻو پوندو تہ بادشاهن ۽ مقدس خاندان وارن جا نالا جنهن پر اسرار طريقي سان راز ۽ رکيا ويندا هٿ، سو ڪو درباري خوشامد يا بيجا نيازمنديءَ ۽ پرستش جو نتيجو ڪونہ هوندو هو، پر اها انسانن جي مجموعي اوائلي نظريي ۽ قديم خيال جي هڪ خاص عملي صورت هئي، جنهن سان عام ماڻهو ۽ ديوتائون، بادشاه ۽ پوجاري سڀ هڪ ئي وقت ۽ ساڳيءَ ئي طرح شامل ۽ متفق هٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏيوڏهون

وحشيءَ جو انسان تي احسان

بادشاهن ۽ پوڄارين مٿان جيڪي بندشون ۽ پابنديون عائد ٿيل رهيون آهن، تن جي فهرست ۾ اضافو ڪرڻ آسان آهي، ۽ مٿين صفحن ۾ جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، سي نموني واسطي ڪافي آهن. پنهنجي موضوع جي هن حصي کي ختم ڪرڻ لاءِ هاڻي فقط مختصر لفظن ۾ انهن نتيجن کي بيان ڪرڻ ضروري آهي، جن تائين انسان کي پنهنجي هڪڙي ساري مطالعي هيستائين آڻي پهچايو آهي. انسان ڏٺو آهي ته وحشي معاشري ۾ اڪثر اهڙا ماڻهو موجود آهن، جن لاءِ سنڊن اهوجهه ۽ وهمي پائڙن کي خيال رهي ٿو ته انهن کي قدرت جي نظام مٿان ڪراماتي قوتون حاصل آهن، ۽ انهيءَ سبب اهڙن ماڻهن کي ديوتائون ڪري پوڄيو ويو آهي. اهڙن انساني ديوتائن کي پنهنجن معتقدن جي دنيوي زندگيءَ ۾ ان جي معاملن مٿان به ڪو قبضو يا ضابطو هوندو آهي، يا سنڊن فرض فقط روحاني ۽ فوق‌البشري نوعيت جا هوندا آهن، يا ٻين لفظن ۾، اهي هڪ ئي وقت بادشاه ۽ ديوتائون ٻئي هوندا آهن يا رڳو ديوتائون. تنهن ڪري هن هنڌ انسان جو ڪو واسطو ڪونه آهي. انسان جو واسطو فقط انهن جي مفروضه ديوتائي طاقتن ۽ اختيارن سان آهي، ۽ اسين انهن تي ئي غور ڪنداسون. انهيءَ ديوتائي قوت ۽ اختيار رکڻ سبب هو پنهنجن معتقدن وٽ انهيءَ ڪالهه جا ضامن ۽ ذميدار آهن ته قدرت جا اهي طبيعي واقعا ۽ حادثا مسلسل ۽ باقاعدي وقوع پذير ٿيندا رهن، جن تي انسانن جي ڪاڏ خوراڪ ۽ معاش جو دارومدار آهي. ان ڪري، قدرتي طرح، عام ماڻهن کي اهڙن ديوتائي انسانن جي پلائيءَ، بهبودي ۽ وجود جو بيحد فڪر رهندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن جي حياتيءَ ۽ خوشحاليءَ سان سندن پنهنجي حياتي ۽ خوشحاليءَ جو سڌيءَ طرح واسطو رهي ٿو. انهيءَ خيال کان، فطرتي طور، عام ماڻهو هنن کي اهڙن قانونن جي تعميل لاءِ مجبور ڪندا آهن، جي سندن اوائلي عقل موجب اهڙن سيني ايذائن کان، جن جو انساني جسم شڪار ٿي سگهي ٿو، ۽ خود موت جي ايذاءَ کان ۽، بچڻ لاءِ ضروري آهن. اهي قانون، جيئن مٿي اسين ڏسي آيا آهيون، صرف ڪجهه چند اصول آهن، جن تي اوائلي ماڻهو سمجهي ٿو ته هڪ معقول شخص کي، جيڪو دنيا ۽ وڏي عمر ماڻڻ گهري ٿو، واقعي عمل ڪرڻ گهرجي. بهرحال رواجي ماڻهوءَ لاءِ انهن اصولن جي تعميل سندس شخصي مرضيءَ تي منحصر آهي، ۽ ديوتائي انسان لاءِ انهن جي تعميل لازمي آهي، جنهنڪري انهن کان سندس انحرافي سندس معزوليءَ، يا وقتي سندس موت جو ۽ سبب ٿيندي آهي. هن جي معتقدن جو اهڙي ديوتا سروپ انسانن جي زندگيءَ ۾ ان اهڙو ته گهرو واسطو آهي، جو هو ڪيس اهڙي اجازت هرگز نٿا ڏيئي سگهن ته هو پنهنجي زندگيءَ سان ويهي هٽ چراند ڪري. ان ڪري سڀئي عجيب و غريب وهم، پراڻيءَ دنيا جا دستور ۽ سڀئي قول اقوال ۽ قانون، جن جو قديم وحشي فيلسوفن جي فهم ۽ عقل هزارها سال اڳ تعبير ۽ تفسير ڪيو هو، ۽ جن کي اڄا تائين پوڙهيون زالون گهرن ۽ چلهين تي ويهي، سياري جي ڏڌين راتين جو پنهنجن پوتين کي املهه خزاني ۽ ان لڳ موتين وانگر زباني طور سونهيندڙيون آهن ـ اهي سڀئي خيالات ۽ انساني دماغ جا چار پراڻي زماني جي هڏن اسان جي بادشاهن ۽ زنده اوتارن جي راه ۽ اڻيا ويا هٿ، جي ان ۽ ڪوريئڙي جي چار جي تندن ۽ مڪ وانگر ڳاڙا ويڙا هوندا هٿا ۽ جي رسمن ۽ رواجن جي لانهن "لوه کان زياده مضبوط ۽ هوا کان زياده هلڪين تندن" ۽ پنهنجو عضوو ۽ چوري پوري ته سگهندا هٿا، جو ته اهي هڪڙي جي هيڪاندي مٿان، اندران ۽ باهران اهڙي ته منجهيل نموني سان ڳنڍيل هوندڙيون هيون ۽ انهن کي لاتعداد رسمن ۽ رواجن جي ڳنڍين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان اهڙيءَ تہ مضبوطيءَ سان جڪڙيو ويو هو، جو اتان هيٺن زنده اوتارن ۽ بادشاهن کي صرف موت يا معزولي ئي نجات ڏياري سگهندي هئي.

اهڙيءَ طرح، ماضيءَ جي مطالعي کندڙ شاگرد لاءِ قديم بادشاهن ۽ پوجارين جون زندگيون انتهائي سبق آموز آهن. جنهن زماني ۾ دنيا جو اڌا ننڍڙو هو، تڏهن انهن هستين جي زندگين جي حالات کي عام ماڻهن لاءِ عقلمنديءَ جو خزانو سمجهيو ويندو هو. آنهن جي زندگيءَ جي نمونن کي مڪمل سمجهيو ويندو هو ۽ وڏو ننڍو هرڪو پنهنجيءَ زندگيءَ کي آنهيءَ ساڃي ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، هنن جي زندگي هڪ آها ڪامل ۽ مثالي زندگي هئي، جنهن جي تشڪيل وحشي حڪمت ۽ فيلسوفيءَ جي اصولن مطابق، انتهائي حفاظت، خبرداريءَ ۽ پابنديءَ سان ڪئي ويندي هئي. اها حڪمت ۽ فيلسوفي هن وقت اسان کي ڪيتريقدر ۾ غلط ۽ ناقص معلوم ٿئي، پر تنهن هوندي ۽ ان جي منطقي پختگيءَ کان هرگز انڪار نٿو ڪري سگهجي. زندگيءَ جي بنيادي اصول جو هيءَ تصور سامهون رکي تہ "جاندار وجود ۾ هڪ ٻيو ننڍڙو وجود يا روح موجود آهي، جيڪو جيتوڻيڪ منجهس رهي ٿو، پر ان کان الڳ ۽ مختلف آهي" ــ زندگيءَ جي عملي رهبريءَ لاءِ قاعدن ۽ اصولن جو هڪ منظم ۽ مڪمل مجموعو يا دستور بنايو ويو هو، جنهن ۾ ڪنهن حد تائين اندروني پختگي ۽ منطق موجود آهي. زندگيءَ جي انهيءَ دستورالعمل جي دليلبازيءَ ۽ منطق ۾ تہ ڪابہ وڏ نظر ئي اچي، پر ان جو نقص يقيناً انهن ڳالهين ۾ موجود آهي، جن کي فرضي طور تسليم ڪري، انهن جي بنيادن تي ان دليلبازيءَ ۽ منطق جون اڏاوتون قائم ڪيون ويئون آهن ــ ۽ اهو هڪ زبردست نقص آهي، ان جو اهو نقص زندگيءَ جي بنيادي اصول جي تصور ۽ حقيقت ۾ سمايل آهي، ۽ نہ انهن نتيجن ۾، جي انهيءَ تصور مان اخذ ڪيا ويا آهن. پر انهن فرضي ڳالهين کي ڪل جهڙو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهوده ۽ بيڪار سمجهن، چاڪاڻ ته آسانيءَ سان اڄ انهن جي غلطي اسان تي ظاهر ٿي پوي ٿي، هڪ قسم جي احسان فراموشي ٿيندي ۽ ائين ڪرڻ فيلسوفيءَ جي اصولن جي پڻ منافي ٿيندو. اسين اڄ جنهن بنياد تي بيٺل آهيون، سو اسان جي وڏڻ جي لاتعداد پيڙهين ۽ نسلن ٻڌو آهي، ۽ انهيءَ مسلسل ۽ اڻ ٽڪ جدوجهد جو اڄ اسين پورو تصور ۽ نه ٿا ڪري سگهون، جو انسانيت انهيءَ منزل تي پهچڻ ۽ ڪيو آهي، ۽ خود اها منزل ۽، جنهن تي اسين هن وقت پهتا آهيون، خيال ڪري ڏسجي، ته آخرڪار ڪا ايتري ارفع ۽ اعليٰ ڪانه آهي. اسان لاءِ انهن بيشمار نامعلوم ۽ وسري ويل مجاهدن جو احسان مڃڻ لازمي آهي، جن جي خيالن ۽ مسلسل جدوجهد اسان کي اڄ هن منزل تي پهچايو آهي. ٿئين چاڻ ۽ معلوميت جيڪا هڪ پشت، يا يقيناً هڪ ماڻهو، انسانيت جي عام ۽ ڪڏيل علمي ذخيري ۽ جمع ڪري ٿو، سا بلڪل ٿوري آهي، ۽ علم جي ايتري ساري ڊگهه کي نظر ۽ نه آڻڻ ۽ رکو پنهنجن چند ڏاڻن جو قدر ڪرڻ، جيڪي اسان پنهنجي طرفان ذخيري ۽ ملائي سگهيا هجون، سراسر حماقت، بي ايماني ۽ احسان فراموشيءَ کان علاوه ظاهر ظهور نالائقي پڻ ٿيندي. انسان ذات جي عام پلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ موجوده زماني ۽، يا تاريخي دور ۽، جو ڪجهه اضافو ڪيو ويو آهي، تنهن جي پلڙي جو تمام گهٽ اندیشو آهي، ۽ جڏهن اسين زماني جي انهن حدن ۽ ڏاڻن کان ٻاهر ٿا لنگهون، تڏهن حالت بنهه ٻيءَ طرح ٿي نظر اچي. ويچاري وحشيءَ ۽ سندس طور طريقن لاءِ گهٽو ڪري نفرت، ٺولي يا حقارت ۽ مذمت جو ٿي اظهار ڪيو ويندو آهي ۽ هن جيڪي تڪليفون ورتيون ۽ عذاب سٺا، جن جي ڪري ٿي انهن تڪليفن ۽ عذابن سهڻ کان اسين بچي وياسون، تن جو ڪيس اهو ٿي نتيجو ملندو آهي. ان جي باوجود، انسان ذات جي انهن گهٽگهرن ۽ پلارن ماڻهن مان، جن جي يادگيري ڪرڻ ۽ جن جا هر گهڙيءَ احسان مڃڻ اسان جو فرض آهي، اڪثريت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن وحشين جي ئي آهي. جو تہ ڪالهين جي آخرين چند ڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ وحشين ۽ انسان جي درميان اڄ بہ فرق ٿورو ۽ مشابهتون ۽ هڪجهڙايون گهڻيون موجود آهن. انسان وٽ جيڪي ڪالهيون انهن جي ڪالهين سان مشابهت رکندڙ موجود آهن، جن کي اسين سڃيون ۽ فائديمند سمجهي ڀاڙ وٺ سانڊيندا اچون ٿا، سي سڀ انسان کي انهن وحشي ابن ڏاڏن کان مليل آهن، جن اهي ڪالهيون تجربي کان بعد حاصل ڪيون هيون ۽ انهن ئي انسان کي اهي بنيادي خيال ۽ اصول جن کي اسين اڪثر طبعزاد ۽ وهبي (*intuitive*) سمجهندا آهيون، ورثي طور ڏنا آهن. اسين هڪ اهڙي خزاني جا وارث آهيون، جو ايتري تہ طويل عرصي کان وٺي انسان کي پشت بپشت ملندو رهيو آهي، جو انسان کي اها ڪالهہ ياد ئي نہ رهي آهي تہ ان کي شروعات ۾ ڪنهن ميڙيو ۽ ڪنهن ڪٺو ڪيو— ۽ هيڏانهن اسين ان جا موجوده مالڪ آهيون، جيڪي اڄ اٿين سمجهي رهيا آهيون جو ازل کان وٺي اهو جيئن آهي تيئن انساني نسل جي هڪ بنيادي ۽ مستقل ملڪيت آهي! پر فڪر ۽ تفتيش مان انسان کي معلوم ٿيڻ گهرجي تہ انسان جن جيزن کي بنهہ اٿين پنهنجو سمجهي رهيا هئاسون، انهن مان تقريباً هر جيز لاءِ اسين پنهنجن وڏن جا مقروض آهيون، ۽ انهن انسان جي وڏن جيڪي غلطيون ڪيون، سي کي سندن ڪل دماغن جي جرياٽب ۽ ماليخوليا جو نتيجو نہ هيون، پر اهي فقط انهن جا اوائلي انومان ۽ مفروضا هئا، جي کين ان وقت صحيح حقيقتن جهڙا معلوم ٿي رهيا هئا، پر جيڪي زياده تجربي کان پوءِ کين ۽ سندن پوئيرن کي ناڪافي ۽ ناقص ثابت ٿيا. اهڙن انومانن جي مسلسل جاچ جونچ ۽ لاڳيتين آزمائشن کان پوءِ ئي غلط خيالن کي ترڪ ڪري حقيقت کي حاصل ڪري سگهيو آهي. دراصل حقيقت ۾ انهيءَ انومان کي ئي چئبو آهي، جو عملي طور ڪارگر ثابت ٿيندو آهي. ان ڪري وحشي زماني ۾ وسندڙ آدم ذات جي راين ۽ رسمن تي نظر ثاني ڪرڻ وقت، انهن جي غلطين کي درگذر ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهتر ٿيندو، چو ته اهي دراصل ان-ڪري سڀيون ڪان سواءِ ٻيون ڪجهه ۽ نه هيون، جي هنن ڪان حق ۽ سچ جي جستجوءَ ۽ سرزد ٿيون هيون، ممڪن آهي ته اڳتي هلي ڪنهن زماني ۾ اسان جي ڪارنامن مان ۽ غلطيون نڪرن ۽ ان وقت اسان کي ۽ اهڙي ئي درگذر جي ضرورت لاحق ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... حضرت انسان، جو اڄ اسان کي ذري گهٽ ترقيءَ جي بنهه عروج تي نظر اچي رهيو آهي، سو اڄ کان کروڙين سال اڳ انتهائي وحشي حالت کان درجي بدرجي ترقي کندو، مس پنهنجي موجوده منزل تي رسيو آهي.

لکين سال اڳ، جڏهن انسان پاڻ کي ناسهربان ماحول ۽ قدرتي عناصر جي رحم و ڪرم تي ۽ تن تنها ڏٺو، تڏهن سندس اڻ گهڙيل دماغ جي جيڪا ڪيفيت رهي هوندي، تنهن جو اسين شايد تصور به نٿا ڪري سگهون. اڄوڪو "سمجهدار" انسان، جو پنهنجي اوائلي زماني جي ياءَ کي وهم پرست سڏڻ کان دريغ نه ٿو ڪري، تنهن کي جيڪڏهن انهيءَ ماحول ۽ انهن دشوارين سان مقابلي ڪرڻ جو اڄ به موقعو ملي، تہ امڪان اغلب آهي تہ هو ايترو ڪجهہ به نہ ڪري سگهي، جيترو سندس انهي وحشي پيشروءَ پنهنجن پوئيرن لاءِ ورڻي ۾ ڇڏيو.

زير نظر ڪتاب علم الانسان جي گوناگون شاخن مان هڪ شاخ سان واسطو آهي. انسان ڪائنات جي هيءَ پروڙڻ لاءِ ڏاڍا ٽڪر هنيا آهن ۽ سندس انهيءَ طويل جدوجهد جو داستان به اوترو ئي طويل آهي، ان کي ڪنهن هڪ يا ٻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلدن اندر ماپائڻ ناسمكن آهي. سنڌي
زبان ۾ شايد هي پهريون ئي دفعو آهي،
جو حضرت انسان جي هن كوه شكنيءَ
جو داستان سنڌي خواندہ عوام اڳيان
پيش كيو وڃي ٿو. پين ٻولين ۾ خاص
طرح انگريزيءَ ۾ ته انهي موضوع تي
انتهائي دلچسپ، مفيد ۽ غور و فكر جي
غذا سان پرپور كيئي جلد لكيا ويا آهن،
پر لسان جي مادري زبان علم جي انهيءَ
شاخ كان تاحال بي بهره رهي آهي.
خوشيءَ جو مقام آهي، جو سنڌي ادبي
بورڊ انهيءَ ڏس ۾ دلچسپي وٺي، پروفيسر
فريزر جي جڳ مشهور كتاب "گولڈن
بؤ" (Golden Bough) جو هيءُ
سنڌي ترجمو پيش ڪري رهيو آهي.

اميد آهي ته جنهن اعليٰ مقصد كي
مد نظر ركي هي كتاب پيش ٿي رهيو
آهي، سو سنڌي پڙهيل عوام جي دلين
۾ علم ۽ ڄاڻ جي نئين روشنيءَ جي جوت
جاڳائڻ ۽ سندن خيالن ۽ نظرين كي
كجهه قدر حقيقت پسندانہ بنائڻ جي
صورت ۾ حاصل ٿي سگهندو.

ڪور ڊزائين غلام مصطفيٰ جي ٺاهيل آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڦُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا ٻہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا **پَنَ** به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، برندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي کوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڏ وڏ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)



جادو ۽ سائنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(نئين جلد ۾)

— جلد ٻيو —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ٻيو —

از

سر جيمس جارج فريزر

ترجمو

سومار غلي م. سومرو

بي-اي (آنرس).

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ،
هند روڊ، ڪراچي.

ٽلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون، ۱۹۶۱ع ۱۱ هزار کاپيون

هن ڪتاب جي اشاعت جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.

قيمت ...

ملڻ جو پتو:-

۱. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي.
۲. سنڌي ادبي بورڊ جو ڪ اسٽال، اسٽيشن روڈ، حيدرآباد سنڌ.

هيءَ ڪتاب "نواءِ سنڌ" پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو،
۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم جو ذوٽ

علم الانسان جي ماهرن جي راءِ آهي تہ حضرت انسان، جو اسان کي ڏسي کيٽ ارتقاءَ جي ننڍ، عروج ۽ نظر اڃي رهيو آهي، سو اڄ کان ڪروڙين سال اڳ انتهائي وحشي حالت کان درجي بدرجي ترقي ڪندو، متمدن ٿيندڙ موجوده منزل تي رسيو آهي. اڄوڪي تهذيب ۽ تمدن، جنهن تي اسين ايڏو نازُ ڪري رهيا آهيون، سا نہ هڪ جديد جي ايجاد آهي، نہ ڪنهن هڪ زماني ۾، ۽ حقيقت هي آهي تہ اها انسان کي ٿورڙن ٿورڙن ڏاڪن کان آهستي آهستي ورثي ۾ ملندي آئي آهي- اهي ايا ڏاڏا، جن کي اڄ اسين ان سڏيون ٿا وحشي جهڙن حقارت آميز خطابن سان نوازي رهيا آهيون، لکين سال اڳ، جڏهن انسان پاڻ کي نامهرباڻ ماحول ۽ قدرتي عناصر جي رحم وڪرم تي ٿا ڇڏيو، تڏهن سندس ان ڪوڙين دماغ ۾ جڏکا ڪيئن رهي هوندي، تنهن جو اسين شايد تصور ۽ نہ ٿا ڪري سگهون. اهو الهي وحشي ان سڏيل انسان جي مشاهدن ۽ تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسين قدرت جي امڙ ٻوشيده رازن کي روڙي سگهيا آهيون، جن کي ٻا ته چڏيو، ۽ رکو اکوٽ صدي جا مالهو ۽ خدا جي رازن ۽ هٿ وجهڻ سڏيندا هئا، ۽ جي اڄوڪي زماني جي سائنسي ايجادات کي هولڊ ڪرامات ۽ معجزن کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڏيئي ڪين سگهن ها.

ارتقا جي اصول مطابق، موجوده انسان ٿيندي ٿيندي 'جيونزي' لسم جي بالدر لما جانورن هڪ گهراڻي مان نڪري، آهستي آهستي، ٿورنجي ٿورماڻ شڪل وصورت، عادتن ۽ خصلتن کي ترڪ ڪندو، اڄ اچي هڪ شائسته ۽ مهذب انسان جي منزل کي پهتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر، هيءَ ڪالهه، هڪ ٻڌبر مالهوءَ لاءِ ڪيڏي وڏي آهي، ۽ ازلا جي اصولن ڪان باخبر ۽ سمجهه، پوڃه، رکندڙ مالهوءَ لاءِ انهيءَ ننڍڙيءَ ڪالهه ۽ فڪر ۽ غور جا داستان پريان آهن. ٿورو ئي غور ڪري ڏسبو ته، معلوم ٿيندو ته، اڄوڪي انسان ڪي اڻهنجي انهيءَ وحشي حالت ڪي ڇڏڻ ۽ ڪيترو نه، وڌيڪ عرصو لڳو هوندو، ڪيس ڪيڙن نه، دشوارين سان مقابلو ڪرڻو ٻوو هوندو، ۽ ڪيتري نه ڪيس جدوجهد ڪرڻي ٻڌي هوندي! سندس ظاهري وضع قطع ۽ جسماني ساخت ڪي هڪ هيٺتاڪ "حيوان" جي حالي ڪان ڪري، هڪ خوبصورت انسان جي شڪل ۽ تبديل ٿيڻ ۽ ڪيترائي نه ارتقائي منزلون طي ڪرائون ٻڌائي هونديون!

اهو نه ٿيو سندس جسماني تبديليءَ جو احوال. ۽ حضرت انسان مخلوقات جي ٻئي ساهوارڻ ڪان ڇڪا فوقيت ۽ برتري حاصل ڪئي آهي، سا رڳو سندس جسماني فضيلت جي مرهون منت نه ۽ خاص طرح سندس دماغي صلاحيتن جي ئي محتاج آهي. جنهن شيءَ ڪي اسين "عقل سليم" ۽ "انساني شعور" سڏيون ٿا، سو نه انسان ڪي ٻنهان ئي زياده لڪلڻ ۽ جاڪاهيءَ ڪان ٻوءَ نصيب ٿيو آهي. اوائلي انسان ڪي جڏهن هوريان اڻهنجي دماغ ڪان ڪم ونڻ جي صلاحيت جو احساس ٿيو، تڏهن هن جو ڏيان سڀ ڪان اول پنهنجي اردبي ماحول ڏانهن ڇڪيو، ۽ هن انهن سڀني قطرتي قوتن ئي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، جي سندس وجود کي ختر ڪرڻ لاءِ هميشه سانس برسر پيڪار هيون. هن جي اڻ اسريل ۽ ننڍڙي دماغ انهن سڀني شين - وڄ، گجگوڙ، برسات، طوفان، سج، چنڊ ۽ انهن جي گرهن، زندگي ۽ موت، وغيره جي اسباب و علل ڄاڻڻ لاءِ ڄاڪوڙ شروع ڪئي. انهيءَ ڄاڪوڙ ۽ ڪيس هڪڙا خيال ترڪ ڪري، ورجي ورجي ٻيا نواڻ خيال اختيار ڪرڻا ٻيا. جيئن جيئن سندس تجربن ۽ مشاهدن سندس اڳوڻن خيالن جي تردید ڪئي، تيئن تيئن هن سچ حاصل ڪرڻ جي تلاش ۽ لهوءَ واڻون ۽ اڳوات اڻ ڏاڻل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهون اختيار ڪيون. اڇوڪو 'سمجهدار' انسان، جو پنهنجي اوائلي زماني جي پاڻ ڪي وهر ۾ رهت ڏٺو ڪان ڏاڍو نه ٿو ڪري، ڪنهن ڪي جهڪڏهن الهي ماحول ۽ انهن دشوارين سان مقابلي ڪرڻ جو اڄ نه ڪو موقعو ملي، ته امڪان اغلب آهي ته هو اڳتي وڌي نه سگهي، جيڪو سندس ابتدائي پنهنجن پوئرن لاءِ ورثي ۾ ڇڏيو. اهو سچ آهي ته اوائلي انسان ڪائنات جي مختلف مشاهدات متعلق جيڪي اسباب و علل سوچيا، ۽ جن تي هو ڪٿي زماني تائين ڪنڊ ڏني، سي آخرڪار باطل ۽ بي بنياد ثابت ٿيا. ۽ هي ڳالهه تسليم ڪرڻ ڪان سواءِ نه ٿو رهي سگهجي ته بعد واري زماني جي تحقيقات ۽ ڪوجنائن جو اصلي بنياد اوائلي انسان جا اهي ئي باطل ۽ ڪوڙا نظريا ۽ عقيدا هئا، جن انسان جي موجوده زماني جي سائنس کي جنم ڏنو. جيستائين اوائلي انسان جي وهمن ۽ ڀرمن کي بي حقيقت ثابت نه ڪيو ويو، تيستائين حقيقي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانه هئي. ۽ اڄڪ محققن کي، لڳ زماني ڪان وٺي هيٺ، سمورن ۽ ملڪ ڳالهين کي اوچتو ئي اوچتو باطل چوڻ ۽ باطل ثابت ڪرڻ ۽ ڪوڙو نه ڄاڻ جو جوکو ملي، ڪنهڙو به هوندو، تنهن جا ڪيئن مثال تاريخ ۾ موجود آهن، جن جي ڏيان ڪرڻ جي هيٺي ڪا خاص گنجائش ۽ ضرورت ڪانهي.

بهرحال، هي دنيا، گذريل ڪروڙن ۽ اربن سالن ڪان وٺي، ارتقي ڪندي آئي آهي، ۽ ظاهر آهي ته اها اي دنيا، جا اڄ هڪ اهڙي منزل تي اچي بيٺي آهي، جتي انسان پنهنجي قريبي ۽ فوري ماحول جي مڪمل ادرڪ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، آسمانن ڏانهن اکيون ڪنيون آهن، ۽ جنهن ڪائناتي خلا ۾ معلق سيارن جي تسخير جي ڪوشش شروع ڪئي آهي، اڃ اي دنيا ۽ ڪن صدين يا هزارن سالن ڪان پوءِ، ڪو اهڙو انسان آباد نظر اچي، جنهن جي نظرن ۾ اڇوڪو انسان، محض ان اي ابتدائي وحشي دور جو هڪڙو آخرين يادگار ثابت ٿيو ـ ته اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڪالهه ڪا ناممڪن ڳ آهي. جهڙيءَ طرح اسان ٻنهنجن ايشرّن جي حاصل ڪيل حڪمت ۽ اخذ ڪيل نتيجن جي ڏار ماڻ ڪوليو قولهي سچ ۽ سونءُ برڪي ڪر آلدو آهي ۽ سندن غلطين کي مسڪ ۽ ابڪار چاڻي قدر ڪري ۽ انهن متعلق ارالا خيال ارڪ ڪري، ارليءَ جي راه تي ٻنهنجو قدم اڳتي تي وڌائيندا آيا آهيون، بلڪل اهڙيءَ تي طرح اسان جا پوئاڻا ۽ اسان جي غلطين کي ايءَ حقيقت سمجهي، اسان جي ڪاميابين ماڻ فائدو حاصل ڪري، حق جي چاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ڪائنات جي ڪيل تسخير جي منزل مقصود ڈانهن گامزڻ نظر ايندا ... ۽ اهو زمانو ڀري ڳ ٿو نظر اچي، جڏهن هيءَ آدم جو اولاد چند ڳ ٻاه هوند، اڄا ۽ ڪنهن زياده بلند مقام تي اوچي ۽ ڪاميابيءَ تي وينداسو.

"جتي عرش ڳ اپ ڪو، زمين ناهه ڏسو،
ڳ ڪو چارو ڇنڊ جو، ڪو سچ سڏو،
الي آدمين جو لکو دڪ دسو،
اري ٻاهه ٻڌو، ڪات ڏانڻون ٽالهه ۽!" —"شاه"

ڏور نظر ڪتاب علم‌الانسان جي گوناگون شاخن ماڻ هڪ شاخ سان واسته آهي، جيڪا مٿي عرض ڪري آيا آهيون، انسان ڪائنات جي حقيقت ۽روڙ لاه ڏيڻ لڪر هٿيا آهن ۽ سندس الهيءَ طويل جدوجهد جو داستان ۽ اوترو ئي طويل آهي، ان کي ڪنهن هڪ يا ٻن جلدن اندر ماپائي ناممڪن آهي. سندي زبان ۽ شايد هي ٻهرون ئي دفعو آهي، جو حضرت انسان جي هن ڪوشڪنيءَ جو داستان سنڌي خواڻده عوام اڳيان ٻڌن ڪر وڃي ٿو. ٻڌ ٻولن ۽ خاص طرح انگريزيءَ ۽ ٿ الهيءَ موضوع تي انتهائي دلچسپ، مفيد ۽ غور و فڪر جي غذا ساڻ ڀرپور ڪتابي جلد لکيا وڃا آهن، ۽ اسان جي مادري زبان علم جي الهيءَ شاخ کان تاحال تي اڻ‌ڏٺو رهي آهي. سنڌي ادبي پورڻ ان کي مبارڪباد جو مستحق آهي، جو هن الهيءَ ڏس ۽ دلچسپي ڏني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر فريزر جي جڳ - مشهور ڪتاب (Golden Bough) جو هيءُ سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي.

اوائلي انسان جي دماغي اوقات، معاشرتي نظام، سماجي جوڙجڪ ۽ سندس تهذيب و تمدن جي تحقيقات ۾ پروفيسر فريزر جون خدمتون سڄيءُ دنيا ۾ مُسَلّم آهن. جنهن ڪتاب جو اسان ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون، سو دراصل پارنهن جلدن ۾ لکيل آهي ۽ منجهن جڳين، حقيقتون پيش ڪيون ويئون آهن، يا مثال ڏنا ويا آهن، تن جون اختيارون ۽ حوالا، انهن ۾ ڏنل آهن، ۽ جيڪڏهن تہ اهي پارنهن جلد عام ماڻهوءَ جي دسترس کان بالاتر آهن، ۽ نہ ورهي عام ماڻهوءَ وٽ اترو وقت آهي، جو انهن جو مطالعو ڪري منجهائتن مستفيض ٿي سگهي، ان ڪري فريزر صاحب الهيءُ دروازو کي کوري الڳ ڪري، اهو سڄو مواد اختصار طور هڪ جلد اندر ماڻايو آهي- جنهن جي ترجمي کي اسان ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪرڻ جي هيءُ ڪوشش ڪئي آهي. اصل ڪتاب جي اختصار جو هيءُ سنڌي ترجمو، جملي ٽن جلدن ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي دوران ۾ انگريزيءَ جا ڪي اهڙا الفاظ ۽ اصطلاح سامهون آيا، جو جا هر معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ ملڻ مشڪل هتا، جنهنڪري گهڻن هنڌن تي اون لفظ ۽ اصطلاحن جي تلاش ڪرڻي پئي آهي. اهڙن مشڪل مرحلن ۾ مسٽر محمد ابراهيم جويي نهايت همدرديءَ ۽ پنهنجائپ سان منهنجي رهبري ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪٿي ۽ منهنجي هيءُ ڪوشش هئي، ان ڪري منهنجي بوليءُ ۽ لکڻ ۾ الڳ اسان ۽ نا پختگي هئڻ هڪ لازمي امر هو. الهيءُ ڏسن ۽ محترم جويي صاحب ڪهڙي دلچسپي وٺي ۽ انتهائي محنت سان منهنجي ناڪامين ڪوشش کي سڌاريو ۽ ڪامياب بڻايو، جنهن لاءِ آءُ صاحب ممدوح جو نهايت شڪرگذار آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امید آ، جنھن اعلیٰ مقصد کي مد نظر رکي سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب ايڈٽ ڪري رهيو آهي، سو سنڌي پڙهيل عوام جي دلين ۽ علم ۽ ڄاڻ جي ڏيئن روشنيءَ جي جوت جاڳائڻ ۽ سندن خيالن ۽ نظرين کي ڪجهه اڳ حقيقت پسندانه بنائڻ جي ضرورت ۽ حاصل ٿي سگهندو.

ڪراچي،
۱ جولاءِ ۱۹۵۹ع.

— سومار علي ر. سومرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

باب		صفحو
چوويهون	خدائي بادشاه جو مارجن	٦٢٥
	(١) ديوتائن جو ٿنا ٿين	٦٢٥
	(٢) جسماني طاقت ختر ٿين ٿي	
	بادشاهن جو مارجن	٦٢٧
	(٣) مقرر ميعاد جي اوڙي ٿين	
	ٿي بادشاهن جو مارجن	٦٤٩
پنجويهون	عارضي بادشاهه	٦٧١
ڇويهون	بادشاه جي بت جي قرباني	٦٨٥
ستاويهون	روحاني ورثو	٦٩٥
اٺاويهون	واه جي روح کي مارڻ	٧٠١
	(١) وڃسنڌائيندڙ الله اوش ناڇو	٧٠١
	(٢) ڪارڻوال کي دانهه ڪرڻ	٧١٣
	(٣) موت کي باهر ڪڍڻ	٧٢٧
	(٤) اوتاري کي آڻ	٧٣٦
	(٥) اوتاري ۽ سوامي جي جنگ	٧٤٧
	(٦) ڪوسٽرو ولڪو جو موت ۽	
	ٽيون جنم	٧٥٠
	(٧) ليالات جو موت ۽ ٽيون جنم	٧٥٣
	(٨) هندستان ۾ ساڪيون رسمون	٧٥٤
	(٩) جادوءَ جو چشمو	٧٥٦

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب			صفحو
اٺيهون		اٺوانءِ جي ڏند ڪٿا	۷۶۵
ڏيهون		شام ۽ اٺوانءِ	۷۷۳
ايڪڏيهون		ابرص ۽ اٺوانءِ	۷۷۹
ٻڌيهون		اٺوانءِ جا سات سڳن	۷۹۳
ڏيڌيهون		اٺوانءِ جا باغ	۸۰۷
چوڏيهون		اوس جي ڏند ڪٿا ۽ ان جا سات سڳن	۸۲۱
پنجڏيهون		اڏوڻ ۽ ٻالات جو ڏيوتا	۸۳۳
چڏيهون		اوس جا سالي ڏاڻندا	۸۳۷
ستڏيهون		مشرقي مذهب مغرب ۽	۸۴۵
اٺيهون		اوسيرن جي ڏند ڪٿا	۸۵۹
اڻٽاليهون		اوسيرن جا سڳن سات	۸۷۳
		(۱) عوامي رسمون	۸۷۳
		(۲) سرڪاري رسمون	۸۸۳
چاليهون		اوسيرن جي نوعيت	۸۹۳
		(۱) اوسيرن، الاج جي ڏيوتا جي حيثيت ۾	۸۹۳
		(۲) اوسيرن، ون جي روح جي حيثيت ۾	۸۹۹
		(۳) اوسيرن، آبادهه جي ڏيوتا جي حيثيت ۾	۹۰۰
		(۴) اوسيرن، اهل مصر جو بادشاه	۹۰۲
ايڪتاليهون		آلسين	۹۰۵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يالوتاليهون	اوسپرس ۽ سچ	.....	۹۱۱
ٽيتاليهون	ڊ ائوليمس	.....	۹۱۵
جوٽيتاليهون	ڊ ايمٽر ۽ ارسفون	.....	۹۲۳
اينجيتاليهون	شمالي يورپ ۽ آنَ ـ ماڻ ۽		
	آنَ ـ ڪنواري'	.....	۹۴۷
چاڻيتاليهون	آنَ ـ ماڻ گهڻن ملڪن ۽	.....	۹۷۹
	(۱) آنَ ـ ماڻ آمريڪا ۽	.....	۹۷۹
	(۲) ايسٽ انڊيز ۽ چائورڊ ـ ماڻ	.....	۹۸۲
	(۳) آنَ جي روح جو مالڪ الدرواسو	.....	۹۹۴
	(۴) آنَ جي ماڻ ۽ ڏيڻ جي		
	صورت ۽ ٻيٽي نمائندگي	.....	۹۹۷
ستيتاليهون	لئورز	.....	۱۰۰۷
	(۱) لاهارڻ جا گيت	.....	۱۰۰۸
	(۲) آنَ جي روح جو ڪتل	.....	۱۰۱۰
	(۳) اصل لاڻ انساني قربانيون	.....	۱۰۲۴
	(۴) آنَ جي روح جو سندس انساني		
	نمائندڻ ذريعي ڪتل	.....	۱۰۴۰

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ءِ سائنس

(تن جلدن ءَ)

—— جلد پیو ——

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوويهون

خدائي بادشاه جو مارچ

۱- ديوتائن جو فنا ڏيڻ :- ديوتائن کي، انسان پاڻ سان مشابهت رکندڙ مخلوق جي حيثيت ۾ تخليق آهي ۽ جيئن ته هو پاڻ فاني آهي، انڪري هن، بلڪل قدرتي طور، پنهنجي انهيءَ مخلوق کي به سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ حالت ۾ مبتلا تصور ڪيو آهي. چنانچه، گرين لينڊ جي رهاڪن جو اعتقاد هوندو هو ته هوا، سندن مينهن، ڪان وڌيڪ طاقتور ديوتا کي، مارڻ سکهي ڏي ۽ هر ڀيڪڙهن انهيءَ ڏي ديوتا جو ڪنهن ڪتي سان ڀاسو لڳي ويندو، تہ پوءِ هو تڪ ڏي ٻڪ موت جو شڪار ڏي ويندو. ڏڪڻ، ڏڪڻ، سيسائن جي خدا متعلق گالهيون ڏيندي، ڏڪڻ هو بار بار اهو ڏي سوال پڇندا رهيا تہ چا اهو خدا ڪڏهن ۽ ڪٿي مرندو آهي؟ ۽ ڏڪڻ ڏاڻون تہ هو ڪنهن مرندو آهي؟ ڏڪڻ سيران ٿيا ۽ چيائون تہ پوءِ اهو سڀ ڪجهه ڏوڙ ديوتا هوندو. ڪرنل ڊاج جي سوال جي جواب ۾ اتر آمريڪا جي هڪ ڪاڙهي هن ڏاڪيو تہ هي ڏنيا "عظيم روح" ناهي آهي. ورڻ ڏڪڻ ڪانئن ڪجهه ويو تہ ڏڪڻ متعلق ڪهڙي "عظيم روح" ڏي ڪي ڏاڻي رکي ڏي ڏاري سان هو، ڏڪڻ هن هڪدم اهو جواب ڏنو تہ "اڙي يار، انهن ڏي ڪهڙي ڳالهه، هڪ ڏاڻ ڪجهه ناهي، چاڪاڻ تہ جڏهن "عظيم روح" ڏي دنيا خلق ڪئي هئي تہ ڪهڙو زمانو ڪيو هو. ڏي ڪڏهن آهي. ڏينهن هو ڏينهن ڏاري زمانو ڪائن زنده رهي تہ ڏو سگهي" فلاڻين ڏينهن جي هڪ قبيلي جي ماڻهن هڪ ڏاڻوي فاتحن کي ڏڌايو تہ "خالق" جي قبر ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي آهي. هاڪنڊا قبيلي وارن جو ديوتا، يا روحاني هيرو، هيتسي ايتسي ڪيئي دنيا ڏي ڏاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري جيڪو ٿيندو رهيو. سندس تربتون، گهڻو ڪري جبلن جي درميان سوڙهن لڪن جي وچ ۾ نظر ايندڙ آهن. هاڻينڪالڪ قبائلي جڏهن انهن قبرن مان ڪنهن هڪ ڪوٽان لانگهائو ٿيندا آهن، تڏهن اهي پلاري بخت خاطر ان جي مٿان هڪ پٿر اڇلائيندا ويندا آهن ۽ ساڳئي وقت چوڻ ۾ پڪ ڏيندا آهن ته "امان ڪي جام سال ڏي". يونان جي وڏي ديوتا زيئس جي قبر ته هلندڙ دور، يعني عيسوي سن جي شروعات واري زماني تائين به سياحن کي ڪريٽ ٻيٽ ۾ ڏيکاري ويندي هئي. ڊيٽونيسس جو لاش ڊيلفي ۾ اپولو ديوتا جي سونهي بت جي ناسي ۾ دفن ٿيل هو. سندس قبر تي هي ڪتبو لکيل هو ته "هيميل جو پٽ، ڊيٽونيسس هن هنڌ دفن ٿيل آهي". هڪ ٻي روايت مطابق، خود اپولو کي ڊيلفي ۾ دفن ڪيو ويو هو. چاڪلڊ ٽيوڊوجي ڏو ته پٿاگورس (فيثاغورث) ان جي قبر تي هڪ ڪتبو جڙايو هو، جنهن ۾ ٻڌايو هئائين ته ديوتا کي اڳ ڪوڙي طرح ماريو هو ۽ هن جو لاش ٽيڪائي هيٺان ڪيئن دفن ڪيو ويو هو.

خود مصر وارا عظيم ديوتائون انهي عام انجام کان مستثنيٰ نه هئا. پر بعد واري زماني ۾، جڏهن مٿل ماڻهن جي لاشن کي دوائن وسيلي غير معين عرصي تائين سڙڻ ۽ خراب ٿيڻ کان محفوظ رکڻ جي ايجاد سنڊن روحن کي زندگي جو نئون هروانو ڏني، تڏهن ديوتائن کي به انهي نئين ايجاد جي برڪتن ۾ جنهن ديوتائن خواه انسانن کي بقا جي معقول اميد ڏياري، اشريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏني ويئي. ان کان پوءِ هرهڪ صوبي کي پنهنجي پنهنجي ديوتا جي جدا قبر ۽ ان جي جدا "ممي"* هوندي هئي. اوسيرس ديوتا جي 'ممي' مينديس ۾ رکيل هئي، ته ٿينوس واري کي 'انهوري' ديوتا جي 'ممي' هئڻ جو فخر حاصل هوندو

* قديم مصر جي حڪيمن هڪ اهڙي حيرت انگيز دوا ايجاد ڪئي هئي، جا مٿل ماڻهن جي لاش کي لڳاتار سال کين گهڻو ۽ خراب ٿيڻ کان محفوظ ڪري ڇڏيندي هئي. مصر جي قديم قبرستانن مان اهڙي طرح محفوظ ڪيل جيڪي لاش مليا آهن، تن کي "ممي" سڏيو ويو ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هيليئو، اولمپس واڙا وري 'زيوس' ديوتا جي 'سمي' جا مالڪ هيڻ سبب خوش هوندا هئا. بابل جا وڏا ديوتائون، جيتوڻيڪ پنهنجن پوجارين کي فقط خواب ۽ تصورن ۾ پنهنجو ديدار ڪرائيندا هئا، تڏهن ۽ کين سندن جسماني ڏيک، جڏهن ۽ نصيب ٿي سگهيو ۽ انسان وانگر ئي تصور ڪيو ويندو هو. چاڪاڻ ته انسانن وانگر ئي اهي هن دنيا ۾ جمندا هئا، ۽ ماڻهن وانگر ئي آهي سڃڻ ڪندا، وڙهندا ۽ مرندا هئا.

۽ جسماني طاقت ختم ٿيڻ تي بادشاهن جو مارجڻ:

جيڪڏهن وڏا ديوتائون، جيڪي هن دنيوي زندگيءَ جي ڪوڙ ۽ ڪهڪسان کان دور رهن ٿا، سي ۽ آخرڪار موت جو شڪار ٿيندڙ سمجهيا وڃن ٿا، تہ پوءِ هڪ اهڙي ديوتا لاءِ، جيڪو انساني گوشت جي ڪمزور پڄري ۾ رهي ٿو، هيءَ آميد نہ رکڻ گهرجي تہ هو اهڙي انجام کان بچي ويندو، حالانڪہ اسان کي اهڙن آفريڪي بادشاهن جي باري ۾ ٻڌو آهي، جن پاڻ کي محض پنهنجي جادوگريءَ جي زور تي لازوال تصور ڪيو هو. مالي، ڪي وحشي قبائلي، جيڪي آسين اکيءَ ئي ڏسي چڪا آهيون، اهي سمجهن ٿا تہ مندن ۽ هيءَ سڄيءَ ڪائنات جي سلامتي انهن ديوتاسماڻهن، يا خدا جي انهن انساني-روپن، منجهان ڪنهن هڪ جي زندگيءَ سان وابسته آهي. چنانچہ، اهي قبيلا خود پنهنجي زندگيءَ جي سلامتيءَ جي خيال کان اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي انتهائي ڪهڙي حفاظت ڪن ٿا، پر هن جي خواه ڪيترينقدر ۽ چوڪيداري ۽ حفاظت ڪئي وڃي، ان جي باوجود اهڙي انسان-ديوتا کي هرسنيءَ، ڪمزوريءَ ۽ آخرڪار موت جي منهن ۾ وڃڻ کان ڪنهن به طرح بچائي ڪونہ سگهيو. هن جي معتقدن کي اهڙي المناڪ ضرورت کي ڪنهن نہ ڪنهن وقت منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ کي تيار رکڻو پوي ٿو ۽ آخرڪار، جڏهن اهو وقت اچي سهڙي ٿو، تڏهن اهي جڏهن ٿين ڪري پنهنجي ديوتا جي موت جي حقيقت کي تسليم ڪن ٿا. اهڙي ماڻهوءَ جي ڪمزوريءَ ۽ موت ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبردست خطرو سمايل آهي ، چاڪاڻ ته جيڪڏهن قدرت جي
ڪجي نظام جو ذمودار اهڙي انسان-ديوتا جي زندگي ٿي آهي ،
ته اوڏهن جي توڙي جي تدريجي ناتوانائي ۽ آخرڪار موت
جي صورت ۾ فنا ٿي وڃي . ان ڪائنات ۾ ڪهڙين ڪهڙين
نه وڏين مصيبتن ۽ شامتن جي ڪڙڪ جو انديشو رکن ڪهڙي؟
اهڙين شامتن کي ٽارڻ جو بس فقط هڪ ئي طريقو آهي ، جنهن ۾
اهڙا اڇاڻ نظر اچن ته اهڙي انسان-ديوتا جون قوتون سلب
ٿي لڪاون آهن ، تيئن ئي ڪيس قتل ڪري ، سندس روح کي فنا
ٿيڻ جي خطرناڪ اثرن ظاهر ٿيڻ کان اڳي ئي ڪنهن طاقتور ۽
ڏوي الجثه جانشين ڏانهن منتقل ڪرڻ گهرجي . اهڙي انسان-ديوتا
کي ، بدلي ۾ بيمارين جي اثرن کان ڇڏي ڇڏي مرڻ بدران ،
مٿين طريقي سان قتل ڪرڻ ان جيڪي فائدا آهن ، سي وحشي
جي نظرن ۾ عيان آهن . چاڪاڻ ته جيڪڏهن انسان-ديوتا
اهڙي طرح مري ٿو ، جنهن کي اسين قدرتي موت جو نالو ڏيون ٿا ،
تڏهن وحشي جي خيال موجب ان جي معنيٰ اها ٿي ته ديوتا
جو روح رضاڪارانه طور سان پنهنجي خاڪي جسم کي چڏي نڪتو
آهي ۽ هاڻي هو ان ۾ واپس ورڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي .
يا جنهن وحشين جو وڏيڪ عام اعتقاد آهي ، روح کي ڪنهن
زبردست ديو يا جادوگر سندس جسم مان زوري ڪهلي باهر ڪڍيو
آهي ، يا وري انهي ديو يا جادوگر روح جي سيروتفريح ۽ رڪاوٽون
وجهي ، ڪيس پنهنجي جسم اندر دوباره داخل ٿيڻ کان روڪي
رکيو آهي ، انهن سيني مان ڪنهن به هڪ حالت ۾ انسان-ديوتا
جو روح سندن ڀوڳارين جي هٿ مان هليو وڃي ۽ ان مان گڏ
سندن آسودگي ۽ خوشحالي به ڪائنات موڪلايو وڃي ، ايتري قدر
جو سندن وجود ئي خطري ۾ پئجيو وڃي . جيتوڻيڪ وحشي
پنهنجي مرندڙ ديوتا جي روح کي سندس چپن يا ناسن مان باهر
نڪرڻ وقت قابو ڪري ، ڪيس ڪنهن طاقتور جانشين ۾ منتقل
ڪرڻ جو ڪو انتظام به ڪري سگهن ها ، ته به اهي اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح پنهنجو اصل مقصد حاصل ڪري سگهن ها ۽ چاڪاڻ تہ جيڪڏهن انسان ديوتا بيماري ۽ وڳهي مري ها، تہ سندس روح لازمي طور پنهنجي جسم کي ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ جي آخرين منزلن تي چڏي ها ۽ اهڙي ۽ صورت ۾ جيئن تہ روح ڪي ئي ڪمزور ۽ بي طاقت ٿي ويو ها، ان ڪري هو، خواه ڪيس ڪهڑي ۽ طاقتور جسم ۾ منتقل ڪيو وڃي، وري ۽ پنهنجي سست ۽ غير متحرڪ وجود کي ساڳي ۽ ئي حالت ۾ ڪهليندو رهي ها. ان جي برعڪس، ڪيس قتل ڪرڻ سان، اول تہ سندس ٻوچاري سندس روح کي پنهنجي جسم مان باهر نڪرندي ئي وري پڪڙي ۽ ڪيس ڪنهن موزون جانشين ۾ منتقل ڪرڻ جي خاطر ڪري سگهن ٿا. ۽ ٻيو تہ سندس قدرتي قوت جي گهٽجڻ کان اڳي ئي ڪيس قتل ڪرڻ سان هو اها به خاطري ڪري سگهن ٿا تہ انسان ديوتا جي طاقتن ناس ٿيڻ سان ڳڏ هيءَ ڪائنات ۾ نابن ڪار ٿيندي هيءَ اهڙي طرح، انسان ديوتا کي قوم جو الهي ۽ ئي الهي نمونو ۽ قتل ڪرڻ ۽ سندس روح کي هڪ طاقتور جانشين ۾ منتقل ڪرڻ سان وحشي ۽ جا سڀ مقصد پورا ٿي ويا ۽ سندس سڀ خطرا ۽ انديشا ڪري ئي ويا.

ڪنهن ديوتا ۽ "باهم" ۽ "پاڻي ۽" جي صوفي بادشاهن کي قدرتي موت وڳهي مرڻ ڪونہ ڏنو ويندو آهي، چنانچہ جڏهن به انهن مان ڪو هڪ سخت بيمار ٿي پوندو آهي ۽ اڃان جان ڇڏڻ مڙس سمجهندا آهن تہ سندس صحتياب ٿيڻ جي اميد باقي ڪانهي، تڏهن ڪيس خنجر هڻي ماري چڏيندا آهن. ڪانگو جي ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو، جيئن اسين هن ڪان اڳي ذڪر آيا آهيون، تہ جيڪڏهن سندن سردار، "چتومي" کي قدرتي موت مرڻ ڏنو ويندو، تہ سڄي دنيا ڦنا ٿي ويندي. ۽ هيءَ قدرتي، جنهن کي هو ٿي پنهنجي ۽ طاقت ۽ اهليت سان جهلي ٻيٽو آهي، سا برڪت برڪا ٿي ويندي، چنانچہ جڏهن هو بيمار ٿيندو هو ۽ سندس موت جو امڪان ظاهر هوندو هو، تڏهن اهو ماڻهو، جنهن کي سردار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانشين ٿيڻ نصيب ٿيل وارو هوندو هو، سو سندس ڪمري ۾ نوڙي ۽ يا ڏنڊي سان داخل ٿيندو هو، جنهن سان هو ڪيس ڪُهڻي يا چٽي ماري چڏيندو هو. ميرو جي خيشي بادشاهن کي ديوتائن ڪري پوڄيو ويندو هو، ۽ جڏهن بادشاهن جي موٽي ويندي هئي، تڏهن اهي بادشاه ڏانهن هڪ قاصد موڪليندا هئا، جو وڃي ڪيس موٽ جو حڪم ٻڌائيندو هو. بادري اهڙي حڪم لاءِ ديوتائن جي غيبي آواز کي اختياري طور پيش ڪندا هئا. اهو حڪم آڻڻ جا بادشاه ارغامينيس جي دور حڪومت تائين هميشه مڃيندا آيا. ارغامينيس مصر جي بادشاه ٽالمي ٻئي جو همعصر هو. هن يوناني تعليم حاصل ڪئي هئي، جنهن جي اثر ڪري ڪيس سندس هموطنن جي وهمن کان نجات ملي ويئي هئي. انڪري هن بادرين جي انهيءَ حڪمنامي کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جي همت ڪئي. سپاهين جو هڪ دستو سڏ ڪري، هو "مونهڑي منڊي" ۾ گهڙي ويو، جتي هن سيني بادرين کي ترار جي ڌڪي ڏيئي جو ڪجهه ڪيو.

آفريڪا جي انهيءَ طرف، اهڙي قسم جون رسمون جڏهن ڏسڻ ۾ تائين ٿيون ته ڦهليل نظر اچن ٿيون. فزوقل جي ڪن قبيلن ۾ بادشاه کي هڪ خاص ٿڻ هيٺان ويهي روزانو انصاف ڪرڻو هوندو هو. جڏهن هو بيماريءَ يا ٻي ڪنهن سبب ڪري سڄا پيارا ڏينهن ساندو اهو فرض ادا نه ڪري سگهندو هو، تڏهن سندس ڪجهه ۽ سرڪن ڄاهي وڃهي، ڪيس ٿڻ ۾ لٽڪائي ويندا هئا. سرڪن ڄاهيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهڙي نموني سان ڄاهي رکڻ ويندين هيون جو جڏهن بادشاه جي جسماني وزن ٿڻ سبب ڦاهي چڪجي ٽٽ ٿي ويندي هئي، تڏهن اهي بادشاه جي ڳچيءَ وڌي چڏيندين هيون.

اڃي نيل درياه جي ڪنارن تي رهندڙ "شلڪ" قبيلي جي ماڻهن ۾ ونهنجن ديوتا بادشاهن کي ڪمزوريءَ يا بيماريءَ جي پهرين علامت ظاهر ٿيڻ سان ئي ماري چڏڻ جو رواج اڄ ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ٿوروئي زمانو اڳ ۾ ٿائر هو، جيتوڻيڪ اها به ڪائنات
۾ اهو رواج اڄ ۽ ورهه ريت ختم ٿي چڪو آهي، يا فقط
ديهن آهي، ٿورائي سال ڪان ڊاڪٽر سي- جي- سيلگمئن انهي
رواج متعلق ڏاڍي خبرداري سان جاچ پڙتال ڪئي هئي
'شلڪ' قبيلي وارا ننهنجي بادشاه کي جيڪو احترام ڏين ٿا
تنهنجو خاص سبب سندن اهو اعتقاد معلوم ٿئي ٿو ته بادشاه سندن
قبيلي جي نيم ديوتا نيم روح جو ٻوٽو جنم آهي، يا
جنهن سندن گهوالي جو بنياد وڌو هو. ننهنجي قبيلي کي سندن
موجوده ملڪ ۾ آباد ڪيو هو. 'شلڪ' مذهب وارن جو ايمان
آهي ته سندن ديوتا يا نيم ديوتا، ايماڪانگ جو روح وقت جي
بادشاه جي جسم اندر ٻئون جنم ورتي اچي ٿو، جنهنڪري انهي خود
بادشاه کي به ڪنهن حد تائين ديوتائي خصلتن سان نوازيندا
آهن. هر جيتوڻيڪ 'شلڪ' قبيلي جا ماڻهو ننهنجن بادشاهن
کي مذهبي توهيت جي احترام وارين نظرن سان ڏسندا آهن،
ڪين ڪاڳهائي موت کان محفوظ رکڻ لاءِ هرممڪن تدبير اختيار
ڪندا آهن، ان جي باوجود سندن اعتقاد آهي ته بادشاه کي
ڪنهن به صورت ۾ بيمار يا ڪمزور ٿيڻ نه ڏجي، متان سندس
گهٽجندڙ طاقت سبب سڄي بيمار ٿي پوي ۽ ان جي نسلي افزائش
۾ رڪاوٽ پئجي وڃي، متان فصل پنهن اندر سکي سڙي
وڃن ۽ خود انسان ۽ بيمارين ۾ مبتلا ٿي، جنهن هوء ٿين وڏيڪ
تعداد ۾ مرڻ لڳي. انهن شامتن کي روڪڻ لاءِ 'شلڪ' قبيلي
وارن موت، ننهنجن بادشاهن کي بيماري يا ڪمزوري جي هيٺين
علامتن ظاهر ٿيڻ سان ئي ماري ڇڏڻ جي باقاعده رسم هوندي
هئي. زالن جي جنسي خواهش جي پوري طرح تڪميل نه ڪري
سگهڻ کي جن جو وڻن تمام گهٽو تعداد هوندو آهي، ۽ جي
نشوونما ۾ وڌين جلڻ اندر جدا جدا رهايون ويندڙ آهن، وڌندڙ
ضعف جي هڪ موتمار علامت سمجهيو ويندو آهي. بادشاه ۾ جڏهن
اها خطرناڪ ڪمزوري نمايان ٿيڻ لڳندي هئي، تڏهن سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زالون ٿيندڙ جي سرڪار کي انهيءَ حقيقت کان آگاهه ڪندڙ هوندو آهي. عام روايت مطابق بادشاهه کي سندس انجام کان واقف ڪرڻ لاءِ منجهند جي وقت جڏهن هو تمام گرميءَ ۽ نند ۾ غافل ٿيو پيو هوندو هو سندس منهن ۾ ڪوڏن تي اچو ڪيڙو وجهي چڏيندا هئا. موت جي سزا جي انهيءَ حڪم جي تعميل ۾ ٻوڌڪا دير ڪانه ٿيندي هئي. انهي موقعي لاءِ هڪ خاص جهوڙي اڏي ويندي هئي. بادشاهه کي انهيءَ جهوڙيءَ ۾ وڌي ويندا هئا. جتي هو هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي گوند ۾ مٿو رکي ليٽي پوندو هو. جنهن کان پوءِ جهوڙيءَ جي دروازي کي گاريءَ سان لٽي ٻند ڪيو ويندو هو. انهي کي ڪاڏي چئبو هو. ٻاهر کان سواءِ بک ۽ پوءِ واڪي ٻرڻ لاءِ اڙيءَ ۾ سروساماني جي حالت ۾ اڪيلو ڇڏيو ويندو هو. اوائلي رسم اها هئي هوندي هئي. پر اها اڪل پنج ڇهين ڪلاڪ ننبوڙ ڪئي ويندي هئي. چاڪاڻ ته اهڙن بادشاهن منجهان ڪو هڪ جنهن کي انهيءَ طريقي سان ماريو ويو هو سو انتهائي دردناڪ عذاب سهي سڀي مٿو هو. جيو وڃي ٿوڙ ڪائي بادشاهه کي سندس سردار انهيءَ انجام کان اگواڻ ٿي آگاهه ڪندا آهن. جنهن کان پوءِ ڪيس هڪ اڙيءَ جهوڙيءَ ۾ ولي وڃي ڪُهڻي ماريندا آهن. جا خاص طور انهيءَ موقعي لاءِ تياري ويندي آهي.

ڊاڪٽر ميلگيٽن جي تفتيش مان معلوم ٿئي ٿو ته "شلڪ" بادشاهه کي نه رڳو ڪمزوريءَ جي بيرن علامتن جي ظاهر ٿيڻ تي موزون سائنسي سوچ سان ماريو ويندو هو. پر مٿس صحت ۽ طاقت جي عين ڀرپور ڪنهن به وقت ڪنهن رقيب يا مخالف طرفان موتمار حملي ٿيڻ جو امڪان رهندو هو. جنهن ڪيس سان جي سبب ڏيئي پنهنجو تخت و تاج ڇڏائڻ پوندو هو. "شلڪ" قبيلي وارن جي عام دستور موجب ڪنهن به بادشاهه جي پٽ کي وقت جي بادشاهه تي حملي ڪرڻ ۽ سائس وڙهڻ جو حق حاصل هوندو هو. جڏهن هو وقت جي بادشاهه کي مارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو هو. ته ڪيس ان جي جاءِ تي حڪومت ڪرڻ جو اختيار به ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو، جيئن تہ هرهڪ بادشاه کي وڏو حرم ۽ لاتعداد پٽ هوندا هئا، ان ڪري تخت و تاج جي اميدوارن جو تعداد ڪنهن به وقت ڪو ٿورو ڪونہ هوندو، جنهنڪري وقت جي بادشاه کي هروقت پنهنجو سر تري تي ڪٽي گهمٽو پوندو هوندو. پر مٿس اهڙو حملو، جنهن ۾ ڪامياب جي ڪا اميد رکي سگهجي، سو فقط رات جي وڪڙي ۽ ٿي ٿي پئي سگهو، چاڪاڻ تہ ڏينهن جي وقت ۾ بادشاه پاڻ کي محافظن ۽ دوتن جي سڙ ۾ گهيريل رکندو هو، جنهنڪري تخت جو طالب ايترن سارن گهيرن کي چيري، بادشاه تائين پهچڻ ۽ مٿس ڪامياب حملي ڪرڻ جي مشڪل ٿي ڪا اميد رکي سگهندو هوندو. باقي رات جي وقت ڪاڪاهه ٿي ٿي هوندي هئي، چاڪاڻ تہ ان وقت محافظن کي رخصت ڏني ويندي هئي، ۽ بادشاه فقط پنهنجين دل گهرين زالن سان گڏ لوڙهي اندر اڪيلو هوندو هو، آن وقت ڪيس بچائي، ۽ سندس حفاظت لاءِ ٻورن ريڍارن کان سواءِ، جن جون جهوڙيون ٻرپرو ٻيلل هيون، ڪو ماڻهو سندس قريب ڪونہ هوندو هو. چنانچہ اونداهيءَ رات جون گهڙيون ٿي بادشاه لاءِ خوف ۽ خطري جي سند هوندي هئي. جيو وڃي ٿو تہ هو رات جو سڄو وقت باقاعده طور هٿيار بند ٿي، پنهنجين جهوپڙين جي چوڌاري نوسيندو، اونداهن پاڻ ۾ گهوريندو، يا ڪنهن اونداهي ڪنڊ ڪرچ ۾ ديوليءَ ٿي ٻيلل هڪ سنتريءَ وانگر بلڪل خاموش ۽ هوشيار ٿيو ٻيٺو هوندو هو. آخرڪار، جڏهن سندس رقيب اڇي سوڙندو هو، تڏهن ٻنهي جي درميان انتهائي خاموش فضا ۾ موتمار مقابلو شروع ٿي ويندو هو، جنهن جي سڪوت ۾ فقط ڏالن ۽ پالن جي ٽڪرجڻ جو وقتي آواز خلل انداز ٿي، ظاهري سڪون جو ٻڌو ڇاڪ ڪري وجهندو هو، چاڪاڻ تہ ريڍارن کي مدد لاءِ نہ پڪارڻ ٿي بادشاه لاءِ فخر جو باعث سمجهيو ويندو هو.

'شلڪ' خاندان جي باني، نياڪانگ وانگر، قبيلي جي هرهڪ بادشاهہ جي مندر ۾ پوڄا ڪئي ويندي آهي، جو سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبر جي مٿان اڏيو ويندو آهي ۽ بادشاه جي قبر سندس جنم واري ڳوٺ ۾ ئي بڻائي ويندي آهي. بادشاه جي قبر وارو مندر نياڪانگ جي مندر جهڙو هوندو آهي، جو ڪن جهوڙين ۾ هڪ لوڙهي تي مشتمل هوندو آهي. انهن مان هڪ جهوپڙي بادشاه جي قبر مٿان ئي اڏي ويندي آهي ۽ پر ان وارين ٻن جهوپڙين ۾ پوجاري ۽ محافظ مقيم هوندا آهن. نياڪانگ ۽ بادشاهن جي مندرن ۾ ڪو ظاهري ٿفاوت ڪونه هوندو آهي ۽ منجهن جيڪي ٻ مذهبي رسمون ادا ڪيون ويندڙون آهن، سي ٻ ظاهري طور هڪ جهڙيون ئي هوندڙون آهن، ۽ نياڪانگ جي مندر جي رسمن ۽ رڪو ٽورو تفصيلي فرق هوندو آهي، جنهن جو اصلي سبب نياڪانگ جي حرمت ۽ بزرگي آهي. بادشاهن جي مقبرن جي مٿان اڏيل مندرن جي خدمت چاڪري ڪي پوڙهيون زالون يا ڪي معمر مرد ڪندا آهن، جي نياڪانگ جي مندرن جي محافظن سان مشابهت رکندا آهن. آهي محافظ گهڻو ڪري مرحوم بادشاه جا پوڙها نوڪر، يا سندن ٻيوه زالون، هوندڙون آهن، جن جي مرڻ پڄاڻان سندن وارثن کي اهو حق حاصل ٿيندو آهي. ان کانسواءِ نياڪانگ جي قبرن وانگر، بادشاهن جي قبرن تي ٻ چوپاسين ڏورن جون مڇيون ويندڙون آهن.

اهڙيءَ طرح: 'شلڪ' قوم وارن جي مذهب جو مڪيه جز پنهنجن مقدس يا ديوتائي- بادشاهن، خواه اهي مرده هجن يا زنده، جي ٻوڌا معلوم ٿي رهيو آهي. انهن سڀني بادشاهن ۽ انهيءَ هڪ پاڪ- روح جو واسو سمجهيو ويندو آهي، جو سندن نيڙ- ڏنڊ ڪڍائي، ۽ دراصل تاريخي حيثيت واري، باني ڪان وٺي پشت پشت سندس جانشينن جي ذريعي صحي ۽ سلامت اسان جي ا دور تائين هلندو آيو آهي، ان ڪري پنهنجن بادشاهن کي زنده اوتار سمجهي، جن جي چڱيلائيءَ تي انسان، حيوان ۽ اناج جي پلائيءَ جو دارومدار آهي، 'شلڪ' قوم وارا پنهنجن بادشاهن کي وڏي ۽ وڏي عزت ڏيندا آهن ۽ انهن جي هرطرح حفاظت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن. اسان کي جيتوڻيڪ هيءَ ڳالهه نهايت ئي عجيب ۽ غيرمعمولي نظر اچي رهي آهي، پر هن قوم ۾ پنهنجن مقدس بادشاهن کي ڪمزوريءَ يا بيماريءَ جي علامت ظاهر ڪرڻ سان ئي قتل ڪرڻ جي رسم، هن ڪري ئي جنم ورتو آهي جو هڪ طرف ته کين پنهنجن بادشاهن جي وجود ۽ هستيءَ لاءِ گهڻي ۾ گهڻو احترام ۽ عزت هوندي آهي، ٻئي طرف کين پنهنجي بادشاهه، يا ڪٽي چڪي ته ان پاڪ روح کي، جنهن جو ان جي جسم اندر واسو هوندو آهي، محفوظ رکڻ جو فڪر به لاحق هوندو آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ طريقي سان ئي هو ان کي مهارت جي انتهائي مڪمل حالت ۾ رکي سگهن جو يقين رکن ٿا ته هن اسين ته ائين به چوندا سون ته اها قوم پنهنجي بادشاه لاءِ انتهائي ادب، احترام ۽ قدر هڻڻ جي بهترين ثابتيءَ طور ڪيس قتل ڪرڻ جي رسم ئي پيش ڪري سگهي ٿي، چاڪاڻ ته، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، هو بادشاه جي زندگيءَ، يا روح کي پوري ملڪ جي آسودگيءَ سان اهڙيءَ ته هر آهنگيءَ سان وابسته سمجهن ٿا جو، جڏهن بادشاه بيمار يا ڪمزور ٿيندو، ته پوءِ چوپايو مال به سرهن ۾ مبتلا ٿيندو، نه وڻندو نه ويڇهندو، فصل پنهن ۾ سڙي ويندا، ۽ ٻني آدم بيمارين وگهي عام، جام مرڻ لڳندو. چنانچه سندن راءِ ۾، انهن سڀني آفتن کان نجات حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو بادشاه کي عين ان وقت ماري ڇڏڻ آهي، جڏهن هو اڃا تندرست ۽ توانو ئي آهي، ته جئين اهو پاڪ روح، جو هن کي سندس وڏن کان سالم حالت ۾ مليو آهي، سو ساڳيءَ حالت ۾، سندس ڪنهن اهڙي جانشين ڏانهن منتقل ٿي وڃي، جڏهن هو پنهنجي پوريءَ طاقت ۽ جوبن ۾ هجي. ۽ جنهن کي بيماريءَ ۽ پيرسنيءَ جي ڪمزورين اڃا نهوڙڻ شروع نه ڪيو هجي. اها خاص نشاني، جا بادشاه جي موت جي پروائي ٿي سمجهو ڪندي آهي، سا تمام زياده اهميت واري ۽ معنيٰ خيز آهي، جڏهن، هو پنهنجين انيڪ زالن جي جنسي خواهشن کي پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان قاصر ٿي ويو، يا ان لفظ ۾، جڏهن هو، پوريءَ يا اڏوريءَ طور، پنهنجيءَ جنس ۾ اضافي ڪرڻ کان بس ڪري ڇڏي، تڏهن ڪيس هڪدم مري، پنهنجي جاءَ ڪنهن ٻئي قوتمند ماڻهوءَ لاءِ خالي ڪرڻ جو وقت اچي پهتو آهي.

بادشاه کي قتل ڪرڻ لاءِ ان مختلف سببن سان گڏ، جڏهن مٿين سبب تي غور ڪجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته ماڻهن، ميرڻ ۽ زمين جي آبادي جي قوت بادشاه جي قوت سان اهڙي ته هم آهنگ طريقي سان واسطو آهي، جو ان جي ناڪاميابيءَ ڪري، ٿوري گهڻي عرصي کان پوءِ انساني، حيواني ۽ نباتاتي زندگين جو صفحو هستيءَ تان غائب ٿي وڃڻ يقيني امر آهي. ان ڪري، فن گالهه ۾ ڪو تعجب ڪونه آهي ته 'شلڪ' قوم وارا پنهنجي بادشاه کي بيماريءَ، بڍاهي ۽ ڪمزوريءَ جي سببن کان قدرتي موت مرڻ نه ڏيندا آهن، ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪيئي تدبيرون اختيار ڪندا آهن.

بادشاهن جي موت ڏانهن هن قوم جيڪو رويو اختيار ڪيو آهي، تنهنجي هڪ هيءَ خصوصيت آهي، جو اهي سندن اهڙي موت کي "موت" جي نالي سان ڪونه سڏيندا آهن. هو ان‌کي ڪونه چوندا آهن ته بادشاه مري ويو آهي، يا پنهنجن ابن ڏاڏن، نياڪانگ ۽ ڏاگ وانگر، جي سندن قبيلي جا پوريان ۽ بادشاه مٿا، هو "هليو ويو آهي"، جيئن انهن (نياڪانگ ۽ ڏاگ) لاءِ، اهائي روايت عام آهي ته اهي مٿا نه، ۽ فقط نظرن کان غائب ٿي ويا آهن. ان ملڪن، جهڙوڪ روم ۽ يونان جي قديم بادشاهن جي پراسرار طور تي گم ٿي وڃڻ متعلق جيڪي حڪايتون موجود آهن، سي به شايد ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، ته انهي ۾ بادشاهن جي زندگيءَ جي حفاظت ڪرڻ خاطر ڪين قتل ڪرڻ جي ساڳيءَ نوعيت جي رسم وجود ۾ هئي.

انهن سڀني گالهين جي مدنظر، هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته 'شلڪ' قوم جا خدائي بادشاهن جي متعلق اعتقاد ۽ عمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نيميءَ جي پوچارين" ۽ "ٻيلي جي بادشاهن" جي متعلق مروج اعتقادن ۽ عملن سان مشابهت رکن ٿا، بشرطيڪ "ٻيلي جي بادشاهن" جي باري ۾ منهنجو قائم ڪيل نظريو درست هجي. ٻنهي حالتن ۾ اسان کي خدائي بادشاهن جو هڪ اهڙو سلسلو نظر اچي رهيو آهي، جن جي حياتيءَ ۾ انسانن، حيوانن، ۽ ٻنين ۽ ٻارين جي آباديءَ جو دارومدار رهي ٿو، جن کي دوبدو مقابلي ۾، يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ان مطلب لاءِ قتل ڪيو وڃي ٿو تہ جئين سندن مقدس روح پنهنجي پوري جوبن ۽ جوانيءَ سان، مرض ۽ ڪمزوريءَ، يا وڌيءَ عمر جي ڪدورتن ۽ غلاظتن کان پاڪ ۽ صاف حالتن ۾ سندن جانشينن ڏانهن منتقل ٿي وڃن، چاڪاڻ تہ سندن معتقدن جي راءِ ۾، بادشاه جون اهي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون ماڻهن، ۽ نسلن ۾ به اهي ئي ڪمزوريون ۽ خرابيون پيدا ڪنديون. خدائي بادشاهن کي مارڻ جي رسم جي انهيءَ سمجهائيءَ ۾ ڪن نڪتن، خاص طرح سندن ديوتائي روحن کي سندن جانشينن ۾ منتقل ڪرڻ جي طور ۽ طريقي تي زياده مڪمل ۽ تفصيلوار بحث اڳتي هلي ڪنداسون، تيسين اسين هن عام رسم جي ٻين مثالن ڏانهن متوجہ ٿيون ٿا.

'اڇي نيل' درياه جي ماڻريءَ ۾، مختلف، خود مختيار ۽ آزاد قبيلن جي هڪ برادري مقيم آهي، جنهن کي "دنڪا" سڏجي ٿو. انهن قبيلن جا عام ماڻهو پاڻڪيا ۽ مالدار آهن، جي پنهنجن ڏاندن جي لا تعداد ڏڻن جي دل و جان سان خدمت ۽ خبرداري ڪندا آهن، جيتوڻيڪ هو ساڳئي وقت رڍون ۽ ٻڪريون ۾ پالينڊا آهن، ۽ سندن زالون ٿوري مقدار ۾ مڪئي ۽ ترڪاريون جي پوک ۾ ڪنديون آهن. پنهنجن فصلن ۽ خاص طرح جراگاهن جي آباديءَ لاءِ هنن جو گهڻو دارومدار بارش جي باقاعدگيءَ تي هوندو آهي. جيو وڃي ٿو تہ انهن ويجهارن کي مسلسل ۽ طويل خشڪسالييءَ جي موسم ۾ بيحد تڪليفن ۽ ڪشالن جو مقابلو ڪرڻو پوندو آهي ۽ سندن صبر جو پڇاڙو ٻريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وينڊو آهي. انڪري، اڄ ڏينهن تائين برسات وسائيندڙ جادوگر
انهن جي قبيلن ۾ نهايت ئي اهميت وارو شخص هوندو آهي. حقيقت ۾،
قبيلي جي ظاهري اختياري ۽ وارن جن ماڻهن کي سياح، ۽ اجنبي ماڻهو سردار
يا شيخ جي لقب سان نوازيندا آهن، سي در اصل انهيءَ قبيلي جا حقيقي يا
خيالي مينهن ـ وسائيندڙ جادوگر هوندا آهن، انهن مان هرهڪ ۾ڪنهن
مرحوم مينهن وسائيندڙ جي روح جو واسو سمجهيو ويندو آهي، جو
انهن معزز ٻيشي وارن جي مسلسل پشتين مان ڦرندو گهڙندو، وٽس
پهتل هوندو آهي. انهيءَ روحاني قوت هڻڻ سبب هُڪ
ڪامياب مينهن وسائيندڙ تمام وڏيءَ اختياريءَ ۽ طاقت جو مالڪ
هوندو آهي ۽ هرهڪ اهم معاملي ۾ سنڌس صلاح ورتي ويندي
آهي. انهيءَ عزت هوندي ۽، يا ڪٽي چڪجي تہ انهيءَ اعزاز هڻڻ ڪري
ئي، "ڊنڪا" قبيلي جي ڪنهن ۽ مينهن وسائيندڙ جادوگر کي بيماريءَ
يا ٻڌاپي سبب قدرتي موت مرڻ نہ ڏنو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ
انهيءَ برادريءَ وارن جو اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن ڪو اهڙو
حادثو پيش اچي ويندو تہ ماڻهو ڏڪار ۽ بيمارين سبب مڪمل
وانگر مرندا، چوپايو مال قرڙيءَ بند ڪندو ۽ اناج ٻنين ۾ ٻيٽي
ٻيلي سڙي ويندو. انڪري، جڏهن ۽ ڪومينهن وسائيندڙ ٻاڻ ۾ ٻڌاپي
۽ ڪمزوريءَ جون علامتون محسوس ڪندو آهي، تڏهن هو پنهنجي
اولاد کي چوندو آهي تہ هو مرڻ ٽو چاهي. "آڪار ڊنڪا" قبيلي
وارن ۾ اهڙي موتعي تي هڪ وڏي قبر کوٽي ويندي آهي، جنهن
۾ مينهن وسائيندڙ ليٽي هوندو آهي ۽ سنڌس دوست ۽ مٽ مائٽ
چوڌاري ٻهندا آهن. رکي، رکي هو قوم وارن کي مخاطب ٿيندو
آهي: ڪين پنهنجي قوم جا گذريل ڪارنامہ ياد ڏيارينڊو آهي، ڪين
ٻڌائيندو آهي تہ هن ڪهڙي طريقي سان مٿن حڪومت هلائي،
ڪين ڪهڙا ڪهڙا مشورا ڏنا ۽ آهي ڪائنس ٻوءِ ڪهڙي نموني
هلن، جڏهن هو پنهنجو اهو وعظ ختم ڪندو آهي، تڏهن ڪين
قبر ڏڪڻ لاءِ حڪم ڏينڊو آهي. بس، ٻوءِ تہ مڻائس مڻيءَ جا
ڏير اڇلايا ويندا آهن ۽ ٿوريءَ دير کان ٻوءِ هو ساهہ گهٽجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب، هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندو آهي. "ڏنڪا" برادريءَ جي سڀني قبيلن جي مينهن وسائيندڙن جي معزز زندگيءَ جو، ڪن معمولي تفاوتن سان، عام طور اهوئي انجام ٿيندو نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر سيلڪمئن کي "ڏنڪا" برادريءَ جي "خور- ادار" قبيلي وارن ٻڌايو ته هو جڏهن ڏنڪا مينهن- وسائيندڙ لاءِ قبر کوٽي مڪمل ڪندا آهن، تڏهن هو سندس گهر وڃي ڪيس گهٽو ڏيئي پورو ڪندا آهن. ڊاڪٽر سيلڪمئن جي هڪ مخبر جو ٻيءَ ۽ چاچو مينهن وسائيندڙ هڻا ۽ ٻنهي کي پراڻي قانون مطابق، بلڪل باقاعده طور ماريو ويو هو. جيتوڻيڪ مينهن وسائيندڙ نوجوان ۽ هوندو آهي، ته ۽ جيڪڏهن منجهس ڪنهن مرض جون علامتون ظاهر ٿيندڙ آهن ۽ ته ڪيس هڪدم قتل ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه، مينهن- وسائيندڙ کي اتفاقي موت کان بچائڻ لاءِ ۽ هر احتياطي تدبير اختيار ڪئي ويندي آهي، چاڪاڻ ته اهڙو موت، جيتوڻيڪ مرض يا پيرسنيءَ جي ڪمزوريءَ واري موت جهڙو سنگين ۽ خطرناڪ نه هوندو آهي، ته ۽ ان جي نتيجي ۾ قبيلي کي مرض ۾ مبتلا ٿيڻو پوندو. جيئن ئي هڪ مينهن- وسائيندڙ کي ماريو ويندو آهي، تيئن ئي سندس قيمتي روح کي ڪنهن نه ڪنهن موڙون جانشين ۾، خواه اهو سندس پٽ هجي، يا ڪو ٻيو قريبي عزيز، منتقل ٿيل سمجهيو ويندو آهي.

وچ آفريڪا جي "بنريو" بادشاهيءَ ۾، کي ٻوراڻي سال اڳي هڪ اهڙي رسم هوندي هئي، جنهن جي مطابق جڏهن ئي بادشاه سخت بيمار ٿي پوندو هو، يا ڏاڍي سبب بيمار ٿيڻ شروع ٿيندو هو، تڏهن ئي کيس پنهنجن هٿن سان پاڻ کي مارڻو پوندو هو. چاڪاڻ ته هڪ پراڻي پيشنگوئيءَ مطابق، جيڪڏهن ڪنهن ۽ وقت بادشاه قدرتي موت مرندو، ته ٻوءَ ان خاندان جي هٿن مان حڪومت جون واڳون هليون ويندڙون. اهڙو بادشاهه گهٽو ڪري زهر جو پيالو پي، پنهنجو خاتمو ڪندو هو، جيڪڏهن هو اهڙي قدم کڻڻ کان هٻڪندو هو، يا اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمار هوندو هو، جو ٻيالو گهري ته سگهندو هو، ته ٻوءَ
ان حالت ۾ سندس زال جو اهو فرض هوندو هو، ته هوءَ
کيس هٽ سان زهر ڏي. کانگو درياه جي اترئين علاقي ۾،
جڏهن کٻانگا قوم وارن جي بادشاه جي ٻچائي قريب معلوم
ٿيندي آهي، تڏهن قوم جا جادوگر سندس ڪچيءَ ۾ رسي وجهي
توسين آهستي آهستي چڪيندا رهندا آهن، جيسين هن جو ساهه
گهٽجي ويندو آهي. ڪنگيرو قوم وارن جو بادشاه، جڪڏهن جنگ
۾ زخمي ٿي ويندو آهي ته ٻوءَ سندس سائي ان کي قتل ڪندا
آهن، ۽ جي اهي چڏي ڏيندا انس ته ٻوءَ جيتوڻيڪ هو رحم
لاءِ واڪا ڪري ڪيڏيون ۽ التجائون ڪندو آهي، ته ۽ سندس
ويجها عزيز اهو ڪر ٻورو ڪندا آهن. هنن جو چوڻ هوندو
آهي ته هو اهو ڪر ان ڪري ڪندا آهن ته متان سندن بادشاه
ڪنهن دشمن جي ور چڙهي وڃي ۽ اهو کيس بيعزتيءَ سان
قتل ڪري. نائجر درياه جي هڪ وڏي شاخ، 'بينيو' درياه
جي ڪنارن تي "جوڪو" نالي هڪ بت پرست قوم آباد آهي.
انهن جي ملڪ ۾ "گاتري" شهر تي جنهن بادشاه جو حڪم
هلندو آهي، تنهن کي شهر جا وڏا ماڻهو هن طريقي سان منتخب ڪندا
آهن: شهر جي ٻرين مڙسن جي راءِ ۾، جڏهن ڪنهن ۽ بادشاه
تمام گهڻو وقت حڪومت ڪئي هوندي آهي، تڏهن اهي
خواه مخواه اعلان ڪندا آهن ته 'بادشاه بيمار آهي'ـ اهي الفاظ
هڪ گر جي حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن، جن جو مطلب
هرڪو اهو ئي سمجهندو آهي ته بادشاه کي قتل ڪيو ويندو،
جيتوڻيڪ اهو مقصد ان کان وڌيڪ واضح ڪري ڪوبه چيو ويندو آهي.
ان کان پوءِ هو فيصلو ڪندا آهن ته بادشاه جو جانشين ڪنهن
کي ٻڌايو وڃي. قوم جا با اثر ۽ چڱا مڙس پنهنجي ميڙ ۾ اهو
۽ طئي ڪندا آهن ته نئون بادشاه ڪيتري وقت تائين حڪومت
هلائي. حاضرين مان هرهڪ ماڻهوءَ کان اهو سوال پڇيو ويندو
آهي ۽ انهن مان هرهڪ چيترن سالن جي منظوري ڏيڻ چاهيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي اوتريون ڪائي جون نديون لکريون زمين تي آچلائي پنهنجي مرضي جو اظهار ڪندو آهي. يوم بادشاه کي ان فيصلي کان آگاه ڪيو ويندو آهي ۽ هڪ وڏي دعوت جو انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ بادشاه کي جوڻ جو ٻيو پياري مدهوش ڪيو ويندو آهي. جڏهن بادشاه نشي ۾ بدهوش ٿي ويندو آهي، تڏهن ڪيس پالن سان چيري ڏڙي، ٽئين بادشاه کي تخت تي ويهاريو ويندو آهي. اهڙي طرح "جوڪو" بادشاه کي باخبر هوندي آهي ته هو ڪهڙن سالن تائين حڪومت نه ڪري سگهندو، ۽ ان کي ٻ پنهنجي پيش نشينن واڪر هڪ ڏينهن قتل ڪيو ويندو. ۽ آخرين انجام کان باخبر هوندي ٻ الهي معزز عهدي لاءِ اميدوارن جي ڪوٽ ڪاڻ هوندي آهي. بادشاه کي مارڻ جي آها رسم ساڳئي نموني قونبي، وڪاري ۽ ڪاتري قبيلن ۾ ٻ موجود آهي". اتر نائجيريا جي "حاسا" قوم وارن جي ٽن بادشاهن "گوبر"، "ڪاتسينا" ۽ "دائرا" ۾ جڏهن ٻ بادشاه ۾ بيماري يا ڪمزوري جا آثار ظاهر ٿيندا هئا، تڏهن هڪ عملدار، جنهن کي "هاڻي" جو قاتل" سڏيو ويندو هو، سو اچي ٻ گهٽ ٿيندو هو ۽ ڪيس گهٽو ڏيڻي ماري چڏيندو هو.

اڻڪولا جي اندروني علائقن ۾ "ماتياموو" هڪ وڏو بادشاه يا شهنشاه آهي. الهي علائقي جي "چالا" نالي هڪ نديءَ بادشاه، پورچوگيزن جي هڪ ڪوجنا کي ڏڙ آواي جي ماڻهن کي "ماتياموو" جي موت جي طريقي متعلق هي بيان ڏنو هو ته "اسان ۾ اها رسم اوائل کان وٺي هلندي آئي آهي ته "ماتياموو" کي يا ته جنگ ۾ مرڻو هوندو آهي، يا وري ان کي زوري قتل ڪيو ويندو آهي. اسان جي موجوده "ماتياموو" کي پوڻين نموني سان مرڻو هوندو، چاڪاڻ ته هو پنهنجي جڏڪشي جي نتيجي طور تمام گهڻو وقت زنده رهيو آهي. اسين جڏهن اهڙي قسم جو مشورو ڪري ان کي مارڻ جو فيصلو ڪندا آهيون، تڏهن اسين ڪيس پنهنجن دشمنن سان جنگ ڪرڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعوت ڏيندا آهيون. اهڙي موقعي تي اسين سڀني سنڌس خاندان جي سڀني پاتين سان گڏجي جنگ جي ميدان ڏانهن ويندا آهيون، جتي اسين پنهنجا کجهه مائهو قتل ڪرائيندا آهيون. جيڪڏهن هو بنان ڪنهن ڏکَ ڪَٽ جي صحيح سلامت بچي ويندو آهي، تہ اسين ڪيس دوباره جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا آهيون. انهيءَ موقعي تي اسين ڏن يا چٽن ڏينهن تائين جنگ و جدل ۾ مصروف رهندا آهيون، جنهن کان پوءِ اسين ڪيس ۽ سنڌس زالن وغيره کي دشمنن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي، اوچتو اتان پڇي نڪرندا آهيون. اسان جو بادشاه پاڻ کي اهڙيءَ طرح دشمن جي هٿن ۾ تنها ۽ بي يارو مددگار ڏسي، اتي هڪ عارضي تخت لهرائي ان تي چڙهي ويهندو آهي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي سڀني پاتين کي پنهنجي چوڌاري اچي ويهڻ لاءِ سڏيندو آهي. ان کان پوءِ هو پنهنجيءَ ماءُ کي سنڌس قريب اچڻ جو حڪم ڏيندو آهي، هوءَ سنڌس ڏمن وٽ اچي جهڪي ويهندي آهي، سڀني کان اڳ ۾ هو سنڌس سسي ڏڙ کان ڏار ڪندو آهي. ان کان پوءِ هو ساڳيءَ ريت پنهنجن پاڻ کي هڪ پٿي پٿيان قتل ڪندو آهي، انهن کان پوءِ سنڌس زالن ۽ ٻين مائٽن مٽن جو وارو ايندو آهي. انهن سڀني جي ڪم تمام ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجيءَ سڀني کان وڏيڪ پياري زال، "ائنا ڪولو" جي زندگيءَ جو خاتمو ڪندو آهي. انهيءَ ڪوس کان پوءِ، هو نهايت شاندار ۽ رعب دار طريقي سان ملبوس ٿي پنهنجي موت جو انتظار ڪندو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ دير ڪانہ پوندي آهي. سنڌس موت هڪ اهڙي عملدار جي هٿان ٿيندو آهي، جنهن کي 'ڪائيڪنها' ۽ 'ڪٽيڪا' ٻالي ۾ هيسائيءَ طاقتور ۽ بااثر سردارن موڪليو هوندو آهي. اهو عملدار اڳ ۾ سنڌس پانهون ۽ ٽنگون سنڌن وٽان ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان جو سر لاهيندو آهي. آخر ۾ وري خود انهيءَ عملدار جي گردن اڏائي ويندي آهي. انهيءَ خونريزيءَ شروع ٿيڻ کان اڳ سڀني سردارن اتان اڻي هليا ويندا آهن، تہ جيئن انهيءَ 'ماتيامبو' جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جو نظارو پنهنجين اکين سان نہ ڏسن. 'ماتيامو' جي مرڻ واريءَ جاءِ تي پهچي، سچيءَ ڪارروائيءَ کي اکين سان ڏسي، ۽ انهن هنڌن تي نشان ڪري، جتي سندس مٿين ۽ طاقتور دشمن سردارن سندس گردن، ڀانهون ۽ ٽنگون دفن ڪيون هونديون آهن، منهنجو فرض آهي، 'ماتيامو' جي مرڻ کان پوءِ، اهي سردار مرحوم بادشاه ۽ سندس خاندان جي سچيءَ ملڪيت تي پنهنجو قبضو جمائيندا آهن ۽ اها پنهنجي قيامگاه ڈانهن کڻي ويندا آهن. انهن جي وچ ۾ ڇاڻان، آءٌ مرحوم 'ماتيامو' جي وڏيل ڪنيل لاش جي ڪفن ۽ دفن جو انتظام ڪندو آهيان. اهو فرض پورو ڪري، آءٌ سندس راجڈانيءَ ڈانهن ويندو آهيان، جتي آءٌ نئين حڪومت جو اعلان ڪندو آهيان. انهيءَ کان پوءِ آءٌ وري انهيءَ جاءِ تي واپس ويندو آهيان، جتي 'ماتيامو' جي گردن، ڀانهون ۽ ٽنگون دفن ٿيل هونديون آهن. پوءِ آءٌ اهو لاش ۽ مرحوم بادشاه جو ٻيو سڀو مال متاع ۽ مليڪت چالهين پانهن جي قيمت ڏيئي ڇڏائيندو آهيان ۽ نئين مقرر ٿيل 'ماتيامو' جي سپرد ڪندو آهيان. هن کان اڳي ٻ سيڻي 'ماتيامو' انهن حالتن سان لنگهيا آهن ۽ موجوده 'ماتيامو' جي پڇاڻي ٻ اڇو ائين ٿي ٿيندي."

زولو قوم وارن ٻ ٻ پنهنجي بادشاه کي گنجهن يا اڇن وارن ٻوڙ سان ٿي ماري ڇڏڻ جي رسم پيل معلوم ٿئي ٿي. اها گاله هيٺينءَ تحرير مان ظاهر ٿي رهي آهي، جا هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي لکيل آهي، جو اٺويهين صديءَ جي شروعاتي حصي ٻ زولو قوم جي بدنام ۽ ظالم بادشاه، "چاڪا" جي دربار ٻ ڪجهه عرصو رهيو هو: "منهنجي مٿان بادشاه جي اهڙي غيظناڪ ڪاوڙ جو سبب، وارن جو هڪ بيڪار خوشبودار تيل هو، جنهن جي متعلق مسٽر "فيٿروبل" بادشاه کي يقين ڏياريو هو ته اهو وڏيءَ عمر جي سيني نشانين ۽ علامتن کي غائب ڪرڻ جو هڪ ٿي ۽ يڪ ڪے علاج آهي. جڏهن کان ولي هن ڏو هو ته اهڙو تيل پاڻ تيار ڪري سگهيو، تڏهن کان ٿي هن ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي خواهش ظاهر ڪئي ۽ هو هڪ موقعي تي امان کي پنهنجي انهيءَ انتظار ڪان باخبر ۽ آگاه ڪرڻ ڪونہ ڇڏندو هو، خاص طرح ڇڏهن اسين انهيءَ تيل کي دستياب ڪرڻ جي مهم تي روانا ٿيا رهياسين، تڏهن ته سندس حڪم، احڪام بلڪل واضح طور انهيءَ مقصد ڏانهن اشارو ڪري رهيا هئا، زولا قبيلي وارن جي وحشيانہ رسمن مان هڪ هيءَ ۽ معلوم ٿي رهي آهي ته هو بادشاه جي عهدي لاءِ انتخاب جي لائق ڪنهن بہ اهڙي مائهوءَ کي نہ سمجهندا هئا، جنهن کي گهنج يا اچا وار هوندا هئا، چاڪاڻ ته هڪ جنگجو قوم جي بادشاه ٿيڻ لاءِ اهي ٻئي علامتون لاائقيءَ ۽ نا اهليءَ جون انتهائي نمايان نشانيون آهن. ساڳي وقت اهو بہ تمام ضروري آهي ته سندن بادشاه ڪڏهن بہ انهن ڏبوتن کي ظاهر ٿيڻ نہ ڏي ته هو حڪومت ڪرڻ جي لائق ۽ اهل نہ رهيو آهي ۽ ان بہ انتظام رکڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي. چنانچہ هيءَ ڪاڻهہ ڏاڍي اهم آهي ته هو انهن ڪمزورين کي، حتي المقدور، مائهن جي سامهون ظاهر ٿيڻ نہ ڏين. "چاڪا" کي اڇن وارن جي خوف اڇي وکوڙيو هو، جيئن ته انهن جو اڇن، هن لاءِ اهو چتاءُ هو ته هاڻي ڪيس شان و شوڪت ۽ دبدبي واريءَ "دنيا سان" لاڏائي جي تياري ڪرڻ کپي. چاڪاڻ ته اڇن وارن ڏوڪار ٿيڻ کان پوءِ بادشاه جو موت يقيني هوندو هو". انهيءَ بمصنف، جنهن جا اسين وارن جي تيل واري مزيدار لطيفي لاءِ ٻوراڻا آهيون، تنهن اهو واضح نہ ڪيو آهي ته اڇن وارن ۽ گهنجدار صورت وارو هڪ زولو سردار شان و شوڪت واريءَ هن دنيا کي ڇڏي طريقي سان ڇڏيندو هو، ۽ ساڳيءَ نوعيت جي ٻين مثالن جي آڏار تي اسين هيءَ اندازو ڪري سگهون ٿا ته ان کي بہ قتل ٿي ڪيو ويندو هوندو.

بادشاهن کي ڪنهن شخصي وڏ ظاهر ٿيڻ سان ٿي قتل ڪرڻ جي رسم بہ ڏاڏيون اڳ 'ڪافر' قبيلي وارن جي "صوفالا" بادشاهيءَ ۾ بہ موجود هئي. اسان ڏٺو آهي ته صوفالا جي بادشاهن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سندن رعايا ڏيوتا ڪري سمجھندي ھئي، ۽ ڪائن ضرورت مطابق برسات يا اُس لاءِ دعا گھري ويندي ھئي. تنھن ھوندي ب، جئين اسان کي ھيڪ ڏينھن پورچوگيز تواريخ نويس جي ھيٺين تحرير مان معلوم ٿئي ٿو، ڪا ٻوريئي جسماني اوڻائي، جھڙوڪ ڏڪ پڻ، ھن جي ٻوت لاءِ ڪافي سبب سمجھيو ويندو ھو. اڳئين زماني ۾ ھن ملڪ جي بادشاھن ۾ اھو رواج ھوندو ھو تہ جڏھن ب مڻ ڪا شاست اچي ڪڙڪندي ھئي، يا منجھن ڪا جسماني وڏ، جھڙوڪ نامردي، ڪا وڇڙندڙ بيماري، اڳين ڏٺل منجھان ڪنھن ھيڪ ڏند جو ڪرڻ، جنھن ڪري ھو بد صورت لڳي، يا ٻي ڪنھن ب قسم جي خرابي، يا جسماني تڪليف، نمايان ٿيندي ھئي، تڏھن اھي زھر ٻي، خود ڪشي ڪندا ھئا. اھڙين اوڻاين کي ختم ڪرڻ لاءِ ھو ٻنھنجيءَ زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيندا ھئا. ڇاڪاڻ تہ ھو چوندا ھئا تہ بادشاھ کي ھر نقص کان پاڪ ھڻ گھرجي، نہ تہ سندس عزت لاءِ بھتر اھوئي آھي تہ ھو ٻيو جنم اختيار ڪري، جتي ھرھڪ شيءِ ڪامل ۽ مڪمل آھي. ۽ جيڪو 'ڪتيف' (بادشاھ) منھنجي وقت ۾ حڪومت ڪري رھيو ھو، سو ٻنھنجن وڏن جي انھيءَ روايت تي ھلڻ لاءِ تيار ڪونہ ھو، ڇاڪاڻ تہ ھو نھايت عقلمند ھو ۽ سندس رعب اڳيان ڪنھن جو وس ڪونہ ھلندو ھو. جڏھن سندس اڳيون ڏند ڪري ٻيو، تڏھن ھن سڄي شھر ۾ ڍڙھو ڏياري اعلان ڪيو تہ سڀني کي ھيءَ خبر ھڻ گھرجي تہ منھنجو اڳيون ڏند ڪري ٻيو آھي ۽ ھرھڪ کي گھرجي تہ جڏي ب ھو مون کي انھيءَ ڏند کان سواءِ ڏسي، ايئن مون کي حسب سابق، بادشاھ جي حيثيت ۾ سڃاڻي ۽ تسليم ڪري. جيڪڏھن منھنجا ابا، ڏاڏا پاڻ کي ماريندا ھئا، تہ اھي احمق ھئا، ۽ آءٌ اھا حماقت ڪانہ ڪندس. ان جي برعڪس، جڏھن منھنجي مرڻ جو وقت ايندو، تڏھن مون کي ڏاڏو ڏک ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ بادشاھيءَ کي محفوظ رکڻ، ۽ دشمنن کي مارڻ لاءِ منھنجي زندگيءَ جي باقي رھڻ جي سخت ضرورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، چنانچہ، آءٌ پنهنجن پوين کي ۽ صلاح ڏيندس تہ هو انهيءَ بيوقوفيءَ کان باز رهن."

صوفالا جو جيڪو بادشاه اڳئين ڏند جي پڄڻ کان پوءِ ۽ زنده رهيو، سو الوپيا جي بادشاهہ ارگئمينس وانگر هڪ دلير ۽ سڌارن آڻيندڙ بادشاه هو. هن مان اسان اهو انومان ڪڍي سگهون ٿا تہ الوپيا جي بادشاهن کي قتل ڪرڻ جو سبب، صوفالا ۽ زولو بادشاهن وانگر، سندن جسم تي ڪنهن ظاهري وڏ يا نقص جي پيدا ٿيڻ، يا ڪمزوريءَ جي علامتن ظاهر ٿيڻ جو هوندو هو. بادشاهن کي قتل ڪرڻ لاءِ پوڄاري جنهن غيبي آواز کي اختياريءَ طور استعمال ڪندا هئا، تنهنجو مقصد اهوئي هوندو هو تہ اهڙي ڪنهن ۽ بادشاه جي حڪومت مان ملڪ ۽ ماڻهن تي آيل مصيبتون نازل ٿيندڙ، جنهن جي بدن تي کي نقص ظاهر ٿيا هوندا، يا جيڪو ڪمزوريءَ، بيماريءَ ۽ مرض سبب بيڪار ٿيل هوندو. اهو غيبي آواز بلڪل اهڙي ئي نموني جو هوندو هو، جهڙو اسپارٽا وارن کي "منديءَ حڪومت" کان خبردار ڪندڙ غيبي آواز هو. انهيءَ انومان کي هن حقيقت مان وري زياده تقويت ملي رهي آهي تہ الوپيا جي بادشاهن کي مارڻ جي رسم ترڪ ڪرڻ کان ڪجهہ عرصو اڳ، کين سندن جسماني طاقت ۽ ظاهري خوبصورتيءَ کري انهيءَ معزز منصب لاءِ منتخب ڪيو ويندو هو. اڄ ڏينهن تائين وادائي جي بادشاه کي ڪا جسماني وڏ نہ هڻي ڪهرجي ۽ اٽنگنا جي بادشاه کي جيڪڏهن ڪو ظاهري جسماني نقص مثلاً ڪو پڳل يا سڙيل ڏند، يا ڪنهن ٻاراڻي زخم جو داغ وغيره هوندو آهي، تہ کيس تخت تي ڪونہ وهارڻو ويندو آهي. اڪائيل جي ڪتاب ۽ ڪيترين ٻين اختيارين موجب، جسماني وڏ وارو ڪو، بادشاه آڻرلنڊ تي حڪومت ڪرڻ ڪري سگهندو هو، جنهن ڪري جڏهن عظيم بادشاه، ڪورمڪ مڪ آرٽ جي هڪ اک حادثي ۾ نڪري ويئي، تڏهن هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪدم تخت و تاج تان دستبردار ٿيو.

اٽوميءَ کان اڳتر اوپر طرف، گهٽن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ، 'آئيو' جي بادشاهي ايندي آهي. "آئيو" قوم تي هڪ اهڙو بادشاه حڪومت ڪندو آهي، جو ڏاهوميءَ جي بادشاه کان گهٽ مطلق‌العنان نه آهي، پر ان هوندي به هو حڪومت جي هڪ اهڙي قانون جو پابند آهي، جو بلڪل ذلالت آميز ۽ غيرمعمولي آهي. جڏهن به سندس رعايا جو اهڙو خيال ٿيندو آهي، ته هو سندن مرضيءَ موجب حڪومت نه ٿو هلائي، ۽ اهڙو خيال گهٽو ڪري بادشاه سان ناراض ٿيل سندس چالاڪ وزير ٿي حرڪتبازيءَ سان ساده دل رعايا جي دل و دماغ ۾ پيدا ڪندا آهن، تڏهن اهي پنهنجي بادشاه ڏانهن هڪ خاص وفد جي ذريعي طوطن جي آڻن جو تحفو ڏيارِي موڪلينداآهن، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته وفد جا ميمبر جيڪو پيغام کڻي آيا آهن، سو سڀئي صحيح آهي. اهو وفد بادشاه جو ڏيان هن گاله ڏانهن چڪائيندو آهي ته حڪومت جي ڪاروبار ڪيس ايتري‌قدر ٽڪائي ڇڏيو آهي، جو سندس رعايا جي راءِ ۾ ڪيس سرڪاري ڪم جي اڪرن ۽ ڪٿين کان ڪناره ڪش ٿي، آرام ڪرڻ گهرجي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ننڊ جو مزو وٺڻ گهرجي. بادشاه پنهنجي رعايا جي سندس آرام لاءِ اهڙيءَ طرح فڪر ڪرڻ ڪري شڪرگذاري ڪندو آهي، ۽ پوءِ بظاهر ننڊ ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي خاص ڪمري ۾ هليو ويندو آهي، جتي هو پنهنجين زالن کي ڪيس پوسائي مارڻ لاءِ هدايتون ڏيندو آهي. انهيءَ حڪم جي هڪدم تعميل ڪئي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ سندس پٽ نهايت خاموشيءَ سان، جڙ ته محل اندر ڪاب ردوبدل ڪانه ٿي آهي، انهن ساڳين شرطن تي، ته هو فقط تيستائين حڪومت جون واڳون سنڀالينڊو، جيستائين سندس رعايا ڪانئس مطمئن هوندي، تخت تي چڙهي ويهندو آهي." سال ۱۷۷۰ع ڌاري، 'آئيو' قوم جي هڪڙي بادشاه، جنهن کي سندس وزيرن دستوري طريقي سان تخت تان لاهڻ جو ارادو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، تنهن سندن طرفان موڪليل طوطن جي آڻن واري ڪان صاف انڪار ڪيو ۽ ڪين چوائي موڪليو ته ڪيس نند ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، پر ان جي برعڪس، هو پنهنجي رعيت جي مفاد خاطر بيدار ۽ هوشيار رهڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. وزيرن هن جي اهڙي ديده دليريءَ ۽ قانون جي ڪليل خلاف ورزيءَ تي متعجب ۽ ناراض ٿيا ۽ ولي بغاوت ڪيائون، پر آخرڪار، تمام گهڻي خونريزيءَ کان پوءِ هنن کي شڪست فاش نصيب ٿي. اهڙيءَ طرح بادشاهه پنهنجيءَ همت ۽ دليريءَ سان وزيرن ۽ صلاحڪارن جي ظلمي چنبي کان پنهنجي جان آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ پنهنجن ٻين ۽ وارثن جي رهبريءَ لاءِ هڪ نئون مثال ڇڏي ويو. بهرحال، ائين ٻيو لکڻي ته پراڻي رسم جلدئي دوباره جنم ورتو ۽ ان تي اٺويهين صديءَ جي ذري گهٽ آخر تائين عمل ٿيندو رهيو. ڄاڻڪار ته هڪ عيسائي ڪٿواڪ مبلغ انهيءَ رسم جو سنه ۱۸۸۴ع ۾ اهڙي طريقي سان ذڪر ڪيو آهي، جن ته اها اڄا تائين موجود هئي. هڪ ٻيو مبلغ اولهه آفريڪا جي "ايگبا" ۽ "يوروبا" قبيلي واري جي هڪ رسم جو ذڪر ڪندي، سال ۱۸۸۱ع ۾ لکي ٿو ته: "هن ملڪ جي عجيب و غريب رسمن مان هڪ، بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، بادشاهه تي مقدمي هلائڻ ۽ ڪيس سزا ڏيڻ جي رسم آهي. جيڪڏهن بادشاهه پنهنجن حقن جي مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر لنگهي، عوام جي ناراضگيءَ جو باعث ٿيو هوندو، ته ان حالت ۾ سندس صلاحڪارن مان هڪ تي پنهنجي شهزادي کان "نند ڪرڻ" جي مطالبي ڪرڻ جو گرانبار فرض عائد ٿيندو آهي، جنهن جو سڌو سادو مطلب اهو هوندو آهي ته 'زهر کائي مر'. جيڪڏهن آخرين وقت تي بادشاهه جي همت ٻنهي جواب ڏيڻي ٻڌندي آهي، ته پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ سندس ڪو دل گهريو دوست اها آخرين خدمت سرانجام ڪندو آهي ۽ نهايت خاموشيءَ سان، جيئن عام ماڻهن ۾ رازافشائي نه ٿئي، هو رعايا کي بادشاهه جي موت جي خبر ٻڌڻ لاءِ تيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو آهي. "يوروپا" ۽ وري اهو ڪم ڪجهه مختلف طريقي سان پورو ڪيو ويندو آهي. "اوبو" جي بادشاه کي جڏهن بٽ جمندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو معصوم ٻار جي ساڃي ٻيرجو جيڪي منڊي مان نموني ٿاهي، قبيلي جي چگن مڙسن (اوگبوني) جي گهر ۾ رکندا آهن. جيڪڏهن بادشاه ملڪ جي رسمن ۽ رواجن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا کوٽاهي ڪندو آهي، تہ هڪ قاصد، ڪجهه ۽ گالهائڻ کانسواءِ، ڪيس سندس پٽ جي ٻيرجو نمونو ڏيکاريندو آهي. بادشاه کي معلوم هوندو آهي تہ قاصد جي انهيءَ اشاري جي معنيٰ ڇا آهي. هو خاموشيءَ سان زهر اي، سمهي پوندو آهي". پراڻي زماني ۾ 'پرشين' قوم جا ماڻهو هڪ اهڙي حاڪم کي پنهنجو آقا ۽ مالڪ ڪري تسليم ڪندا هئا، جو هنن تي ديوتائن جي نالي ۾ حڪومت ڪندو هو ۽ ڪيس "خدا جو وات" سڏيو ويندو هو. جڏهن هو پاڻ کي ڪمزور ۽ بيمار محسوس ڪندو هو، تڏهن هو، جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ پنهنجي پٽيان ڇگي نالي ڇڏڻ جو خواهان هوندو هو، خاردار پوٽن ۽ گاه جو هڪ وڏو ڍڪ ڪلو ڪرائي، ان جي مٿان چڙهي، قوم وارن کي خطاب ڪندو هو، جنهن ۾ هو ڪين ديوتائن جي خدمت ڪرڻ جي تلقين ڪندو هو ۽ آخر ۾ ساڻن وعدو ڪندو هو تہ هو پنهنجي رعايا جي پلائيءَ لاءِ ديوتائن ڏانهن ويندو ۽ ساڻن گالهائيندو. تنهن کان پوءِ، هو مقدس شاه بلوط جي وڻ جي ساهون دائمي پرندڙ سچ مان ڪجهه ٻاه ڪڍندو هو ۽ ان سان ڪڪن ۽ ڪنڊن واري ڍڪ کي ڪائي پاڻ پنيت ۽ ٽپ ڏيئي، پنهنجو خاتمو ڪندو هو.

۳- مقرر ميعاد جي پوري ڏيڻ ڌي بادشاه جو مارچ :-

جن حالتن جو اسان هيلتائين بيان ڪري آيا آهيون، تن سيني ۾ خدائي بادشاه يا پوجاريءَ کي سندس معتقد فقط اهڙي وقت تائين حڪومت ڪرڻ جي اجازت ۽ اختياري ڏيندا آهن، جيستائين ڪا ظاهري وڏي يا ڪرندڙ صحت جي ڪا ظاهري نشاني، يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايرسني جي ناتوانائي کين خبردار نہ ڪندي آهي تہ هاڻي هو پنهنجن سڳورن فرضن جي بجا آوري لاءِ موزون نہ آهي ۽ ان هن کي ٽيستائين قتل نہ ڪيو ويندو آهي، جيستائين اهڙيون علامتون سچ پچ ظاهر نہ ٿيندیون آهن. ڪن قومن تہ پنهنجي بادشاه کي ڪمزوري جي معمولي علامت ظاهر ٿيڻ تائين يا انتظار ڪرڻ کي خطري کان خالي نہ سمجهيو آهي، جنهنڪري انهن پنهنجن بادشاهن کي ٿوهہ جواني ۽ ئي ختم ڪري چڏڻ کي ترجيح ڏني آهي. چنانچہ هنن هڪ ميعاد مقرر ڪيو آهي، جنهن کان پوءِ بادشاه کي حڪومت ڪرڻي ئي ڪائهي ۽ ان جي ختم ٿيڻ سان ئي کيس مرڻو آهي. اهو ميعاد اهڙو ٿورو هوندو آهي، جو انهي قوم وارن کي پڪ هوندي آهي تہ رواجي حالتن ۾ سندن بادشاه انهي وقت ۾ نہ ٻوڙهو ٿيندو ۽ نہ ڪنهن مهلڪ مرض ۾ مبتلا ٿيندو. ڏکڻ هندستان جي ڪن علاقن ۾ اهو عرصو ٻارهان سال هوندو هو. چنانچہ پراڻي زماني جي هڪ سياح جي بيان مطابق، فيلاڪيٽر ۾ "بت پرستن جو هڪ مندر آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙو بت رکيل آهي، جنهن کي تمام گهڻي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسو ويندو آهي، ۽ هر ٻارهين سال اتان جا رهاڪو ان تي هڪ زبردست ميلو لڳائيندا آهن، جنهن ۾ آسپاس جا بت پرست شريڪ ٿيڻ لاءِ ائين پهچي پوندا آهن، جن تہ اهي ڪنهن وڏي جشن ۾ حصي وٺڻ لاءِ آيا آهن. مندر جي ذاتي ملڪيت ۾ وڏيون ٻيون ۽ ٻارا شامل آهن، جن مان ان کي گهڻي اپت ٿيندي آهي. انهي صوبي تي هڪ بادشاه حڪومت ڪندو آهي، جنهن جي منصب جو مدو ٻارهان سال، يعني هڪ ميلي کان ٻئي تائين، هوندو آهي. سندس رهڻي ڪهڻي جو طريقو هن طرح آهي:- جڏهن اهي ٻارهان سال پورا ٿيندا آهن، تڏهن انهي ميلي تي بيشمار ماڻهو ڪٺا ٿيندا آهن ۽ برهمڻ کي ڪارائي تي تمام گهڻو پئسو خرچ ڪيو ويندو آهي. بادشاه پنهنجي لاءِ ڪائي جو هڪ اوچو صندل ٺهرائيندو آهي، جنهن جي چٽي طرفن کان ريشمي ۽ رنگ برنگي ڪپڙا لڪايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا آهن. ان ڏينهن هو مندر جي پاڪ حوض ۾ وڃڻ سان، سوڻن ۽ دهلن، باجن سان غسل ڪرڻ ويندو آهي. اهو ڪم پورو ڪري، هو بت ڏانهن ايندو آهي ۽ سندس پوڄا پاٺ ڪندو آهي. پوءِ هو انهيءَ صندل تي چڑهي ويندو آهي ۽ سيني حاضرين جي روبرو هو پاڻ سان گڏ تيز چاقو ۽ مٽي ڪٽي ويندو آهي، جن منجهان هڪ سان هو پنهنجو نڪ، پوءِ ڇپ، ڪن ۽ ٻيا عضوا ڏاڍيءَ ڦرتيءَ ۽ تيزيءَ سان وڍيندو اڇلائيندو ويندو آهي، ساڳئي وقت، جيترو قدر ٿي سگهندو آهي، اوترو قدر جلد هو پنهنجي جسم تان گوشت جا ٽڪر وڍيندو ويندو آهي، جن کي هو ڏاڍيءَ تيزيءَ سان پري اڇلائيندو رهندو آهي، تان جو هن جو ايترو گهڻو رت خارج ٿي ويندو آهي، جو مٿس بيهوشي طاري ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، ۽ ان کان پوءِ هو پنهنجو گلو پاڻ وڍي ڇڏيندو آهي. هو اها قرباني انهيءَ بت جي حضور ۾ پيش ڪندو آهي، ان کان بعد ۾ جيڪو ماڻهو هارهن سالن تائين حڪومت ڪرڻ جو خواهان هوندو آهي، ۽ انهيءَ ميعاد پوري ٿيڻ کان پوءِ، بت جي محبت وچان پنهنجي قرباني پيش ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، تنهن کي انهيءَ موقعي تي حاضر رهڻو پوندو آهي ۽ بادشاه جي انهيءَ قرباني جي سڄي رتوڇاڻ کي ۽ اڪين سان ڌسڻو پوندو آهي. بس، پوءِ انهيءَ جاءِ تان ٽي ڪيس ڪلهن تي ڪٽي بادشاه بڻايو ويندو آهي.

ملبار جي ساحل تي، ڪليڪٽ جي بادشاه جو لقب "سمورين" يا "سموري" آهي. هو برهمڻ کان ۾ زياده اوچي مرتبي جي هڻ جو ڏيکاءُ ڪندو هو ۽ پاڻ کي فقط نظرن کان غائب ديوتائن کان ٽي ڪجهه گهٽ رتبي وارو سمجهندو هو. رعيت هن جي انهيءَ دعويٰ کي تسليم ڪندي هئي، ۽ برهمڻ ان کي بيهوده بڪواس ۽ قابل نفرت لباڙ سمجهندا هٿا ۽ پنهنجي انهيءَ بادشاه کي محض هڪ شودر کان وڌيڪ رتبي ڏيڻ لاءِ تيار ڪين هٿا".

اڳئين زماني ۾ "سمورين" کي هارهن سالن جي راج کان پوءِ پنهنجيءَ رعيت جي روبرو پنهنجي هٿ سان پنهنجو گلو وڍڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو هو. ۽ سترهين صديءَ جي آخر ۽ انهيءَ قانون ۽ هيٺين طريقي سان درستي آندي ويئي هئي: "گذريل زماني ۾ هن ملڪ اندر ڪيترائي عجيب و غريب رواج هوندا هئا، جن مان ڪي رد ڪيا ويا ۽ باقي ڪي تمام عجيب و غريب ۽ حيرت انگيز رواج اڃا تائين موجود آهن. اها به هڪ پراڻي رسم هئي ته "سئمورين" فقط پارهن سالن تائين حڪومت ڪري ۽ ان کان وڌيڪ هرگز نه. جيڪڏهن هو انهيءَ عرصي کان اڳ ئي مري ويندو هو، ته ان صورت ۾ هو عام ماڻهن جي روبرو خاص طرح اڌيل ڏاسيءَ تي چڙهي، پنهنجن هٿن سان پاڻ کي وڍڻ ڪٽڻ جي تڪليف ڏيندڙ رسم ادا ڪرڻ جي مصيبت کان بچي ويندو هو. انهيءَ موقعي کان اڳ، هو پنهنجن سڀني اميرن ۽ وزيرن لاءِ، جي لاتعداد هوندا هئا، هڪ وڏيءَ دعوت جو انتظام ڪندو هو. دعوت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هو سڀني حاضرين کي سلام ڪندو هو ۽ انتهائي شرافت سان، ڪائيءَ جي ٺهيل صندل تي اڌيل ڏاسيءَ تي چڙهي ويندو هو، جتي هو سڀني ماڻهن جي سامهون پنهنجن هٿن سان پنهنجي سسي ڏڙ ڪان ڌار ڪندو هو. انهيءَ ڪارروائيءَ جي ختم ٿيڻ سان سندس ڏڙ کي ڏاڍي شان، مان ۽ عزت آبروءَ سان جلوس جي صورت ۾ ڪيي، ساڙيو ويندو هو. انهيءَ خوفزيزيءَ کان فارغ ٿيڻ بعد، امير ۽ وزير گڏجي نئين "سئمورين" جو انتخاب ڪندا هئا. اها رسم مذهبي نوعيت جي هئي، يا اهو فقط هڪ سماجي رواج هو، تنهنجي موڪي خبر ڪانه آهي. هاڻي انهيءَ رواج کي ترڪ ڪيو ويو آهي. اڄ ڪالهه جي "سئمورين" هڪ نئين رسم رائج ڪئي آهي. پارهن سالن جي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ هو سڄي ملڪ ۾ جشن ڪرڻ جو اعلان ڪندو آهي. بادشاه لاءِ هڪ وڏي ميدان جي وچ ۾ هڪ شاندار شاميانو اڏيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڏهن يا پارهن ڏينهن تائين خوب محفلون ۽ ميلا، ناچ ۽ گانا ۽ مسخريون ۽ چرچا ڪيا ويندا آهن ۽ ڏاڍي عياشي ڪئي ويندي آهي. رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن توڙون چوڙيون ويندڙون آهن ۽ سيلي جي ختم ٿيڻ تي حاضرين منجهان ڪن ٻ اهڙن چٽن بانڪن ۽ ٻي ڏينهن نوجوانن کي، جن کي سر تري" تي رکي بادشاهي تاج هٽ ڪرڻ جي آرزو هوندي آهي، ۽ جن کي "سئموربن" کي سندس شاميانيءَ اندر، ٿيهن يا چاليهن هزارن محافظن منجهان ٻار پهچي ڪيس مارڻ جي همت هوندي آهي، انهيءَ ڪارنامي ڪرڻ جي اختياري ڏني ويندي آهي. جيڪو ٻ انهن سيني کان اول "سئموربن" کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، سو بادشاه ٿيندو آهي. سنہ ۱۶۹۵ع ۾ هڪ اهڙي محفل منعقد ڪئي ويئي هئي ۽ "پيني" بندرگاه وٽ، جو ڪئليڪٽ کان ٻنڌرهان ساموندي ميل ڏکڻ طرف واقع آهي، هڪ وڏو ۽ عاليشان خيمو نصب ڪيو ويو هو. ان سال حاضرين منجهان فقط ٽي اهڙا جوڌا جوان نڪتا، جي انهيءَ خطرناڪ مهم کي سر ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ترارين ۽ ڍالن سان مسلح ٿي، بادشاهي محافظن مٿان اچي ڪڙڪيا، ۽ سندن تيرن ۽ تلوارن جي حملن جو تاب نه جهلي سگهيا. آخرڪار، شاهي محافظن مان گهڻن کي قتل ڪرڻ بعد، هو ٻ مارجي ويا. انهن جوانن منجهان هڪ جانباز جو ٻنڌرهن يا سورهن سالن جي عمر جو ٻاڌيو ٻ ان وقت ساٿس گڏ هو. من جڏهن ٻنهنجي چاچي کي محافظن تي حملو ڪندي ڏٺو، تڏهن هو ٻ سندس ٻيان لڳو رهيو ۽ جنهن وقت من ٻنهنجي چاچي کي زخمي ٿي، ڪرندي ڏٺو، تڏهن هو سپاهين کي ماري شاميانيءَ اندر پهچڻ ۽ بادشاه تي وار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. من جو ڏاڪ اهڙو نه سڌو هو جو، جڏهن شاميانيءَ جي چٽ ۾ لٽڪيل ٻتل جو هڪ وڏو شمعدان هنجي مٿان ڪري، سندس وار کي خطا نه ڪري وڃهي ها، نه ٻئي لحظي ۾ بادشاه سلامت جو سر سندس ڏڙ کان ڌار ٿي وڃي ها. پر هو جيستائين پاڻ سنيالي ٻيو وار ڪري ٿي ڪري، تيستائين بادشاه جا محافظ ان تائين پهچي ويا ۽ ڪيس الڻ جو موقعو ٿي نه ڏنائون. منهنجو خيال آهي ته اڄا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ساڳيو ئي "سئورين" حڪومت ڪري رهيو آهي. آءٌ محض اتفاق سان انهيءَ ساحل تي آيو هوس ۽ مسلسل ٻن، ٽن ڏينهن ۽ راتين تائين توبن جا آواز ٻڌندو رهيس".

جنهن انگريز سياح جي بيان جو مون ذڪر ڪيو آهي، تنهن اهو ميلو پنهنجين اکين سان ڪونہ ڏٺو هو، جيتوڻيڪ هن دور کان توبن جي ڇڻ جا آواز ٻڌا هئا. خوش قسمتيءَ سان، انهن ميلن جي تفصيلن، ۽ منجهن مرندڙ ماڻهن جي تعداد جو سڄو بيان ڪئليڪٽ جي شاهي ڪتبخاني ۾ محفوظ رکيل آهي. اٺويهين صديءَ جي آخرين حصي ۾، الهن تحريرن جو مسٽر ڊبليو. لوگن معائنو ڪيو هو، جنهن ۾ ڪيس ان وقت جي حڪمران شخصي مدد ڪئي هئي. ان جي تحريرن مان انهيءَ دردناڪ واقعي ۽ ان جي خوفناڪ منظر، ۽ انهيءَ هنڌ جي پليءَ پٽ خبر پوي ٿي، جتي اها وحشي رسم سنہ ۱۷۴۳ع تائين ڪڏهن ڪڏهن ادا ٿيندي آئي، جنهن ڪان پوءِ اها وري ادا نہ ڪئي ويئي.

جنهن ميلي ۾ ڪئليڪٽ جو بادشاه پنهنجي تاج ۽ زندگيءَ جو وڏو ۾ وڏو داءُ لڳائيندو هو، تنهن کي "وڏي قرباني" سڏيندا هئا. اهو ميلو هر بارهين سال لڳندو هو ۽ اٺاويهن ڏينهن تائين هلندو هو. انهيءَ ميلي جي تاريخ مشتري سيارہ جي واپسي گردش شروع ٿيڻ وقت ٻڌي ويندي هئي. جيئن ته ميلي جي تاريخ مشتري گرهہ جي آسماني ٻيهڪ مطابق مقرر ڪئي ويندي هئي، ۽ جئين ته اهڙن ٻن ميلن جي وچ وارو عرصو بارهن سال هوندو هو. جو ڏري ڪهڪ مشتري جي شمسي گردش جو عرصو آهي، ان ڪري اسين بخوبي هيءَ انوسان ڪڍي سگهون ٿا ته انهيءَ درخشان سياره جو بادشاه جي زندگيءَ ۽ تقدير سان سڌو سنئون واسطو سمجهيو ويندو هو، جنهنڪري ٿي مشتريءَ جي گردش جو ايام بادشاه جي حڪومت جي عرصي جو مساوي هو. اهو ڪٿي ڪٿي ۽ هجي، ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته انهيءَ موقعي کي وڏي ڌاڻ ۽ ڏام ڏوم سان "تيرونا واڻي" سندر ۾ ملهايو ويندو هو، جو "پوناڻي" درياه جي اترين ڪناري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي واقع هو. اها سرزمين هن وقت ريلوي لائين جي پاسي ۾ آهي. جيڪا ريل اتان تيزيءَ سان ڪرندي ويندي آهي، تيڪا انهيءَ سندر جون چوڌيون، جي ڪهاڻي جهنگ ۾ ذري گهٽ ڏيکيل هونديون آهن، دور کان درياه جي ڪناري تي اڄ به نظر ايندڙيون آهن. انهيءَ سندر جي الهندي ڪاڪ کان هڪ ٻاڪل سڏو ۽ سنئون رستو، جو آسپاس وارين ساريال زمينن جي سطح کان ٿورو مٿيرو آهي، ۽ جنهن، جي ٻنهي ڪنارن سان گهاڻن ۽ ساون وڻن جي چت ڦهيل آهي، سو هڪ ميل تائين سڏو وڃي، هڪ مٽاهين ۽ چاڙهيءَ واري ڪناري سان ملي ٿو، جنهن تي اڄ تائين قديم زماني جي ٽڻ، جيڪي بلند ڇوٽرن جا ڪٿل نشان موجود آهن. انهن مان سڀني کان زياده بلند مناري تي فيصلي واري ڏينهن تي بادشاه اڄي ويهندو هو. اتان جيڪو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سو نهايت دلڪش آهي. ساريال پنهن جي سڌن ميدانن جي هڪ طرف، جتان هڪ ويڪرو درياه ور وڪڙ ڪندو لنگهندو نظر ايندو آهي، اتاهان ميدان آهن، جن جا سرسبز لاهه گهاڻن ٻيان سان چائيل آهن ۽ دور، گهڻو دور، الهندي گهاڻن جو عظيم سلسلو نظر جي حد تائين هليو وڃي ٿو، جنهن جي پٺيان وري نيلگري ٽڪرين جي ساوڪ آسمان جي هلڪي نيلي رنگ سان ملي، هڪ ٿي وڃي ٿي.

هر، بادشاه جي زندگيءَ جي انهيءَ دردناڪ ڇاڻيءَ وقت، سندس خيال قدرت جي انهيءَ دلڪش نظاري ڏانهن چڪيل ڪوڙ هوندو هو، هن جو ڏيان تر ويجهڙائي ۾ هڪ ٻئي نظاري ڏانهن مبذول رهندو هو. چاڪاڻ تر سچو هيڪاهون پٽ فوجن سان چانيو ٻيو هوندو هو، جن جا چهنڊا سڄ جي تيز روشنائيءَ ۾ ٻيا جهولينڊا هڪا ۽ سندن مختلف چانوڻين جا سفيد خيما اڏورين پڪل سارين جي سبز ۽ سنهري رنگ جي پس منظر ۾ دور کان چٽيءَ ريت نظر ايندا هڪا. ميدان ۾ چاليهن هزارن کان به زياده جنگي جوڌا بادشاه جي حياتيءَ بچائڻ خاطر سر جي ست ڏيڻ لاءِ موجود رهندا هڪا، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن سچو ميدان نوجن سان پر يو پهوهوندو هو، تہ ساڳئي وقت انهن جي وچان جيڪو سوڙهو رستو، مندر کان ولي بادشاه جي ٻهڻ واري ۽ جاءِ تائين ٿئي ويو، سو بلڪل صاف ٿيو هوندو هو ۽ ڪابہ ساه واري چيز ان تي نظر ڪانہ ايندي هئي. رستن جي ٻنهي طرفن کان چهنبدار ڪاڻين جو لوڙهو لڳل هوندو هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان چمڪدار ۽ تيز نوڪدار ڀالن جو وڻ تہ جهنگ نظر ايندو هو، جي هزارها مضبوط بازن ۽ اڻين جهليل هوندا هئا، جڏ تہ انهن ۽ ٻنهہ جميل هٿ. ڀالن جي تيز چمڪدار ڦڙن جون نوڪون انهي ۽ تنگ ۽ خالي رستي جي وچ تي ٻاڻ ۽ ملي، فولاد جي دڳهي ڪمان ڏاهي ٻانهون هوندڙون هيون. جن، هينئر سڀ تيارون مڪمل ٿي چڪيون هيون. بادشاه پنهنجي ۽ ترار کي گهمايو تہ ساڳئي وقت سندس پرسان ٻئل هڪ هاڻي ۽ جي ٻڌي ۽ تي نهري سون جو هڪ ڏلهو زنجير وڏو ويو. اهو ئي مقرر ڪيل اشارو هو. هڪدم اڏڪن ميل پري، مندر جي دروازي وٽ ماڻهن جي هجوم ۽ جڏهن نظر اچڻ لڳي. چند گهوڙيسوار، جن جي ڪڇي ۽ ڪلن جا هار ٻڌل هئا، ۽ بدن تي رڪ مڪيل هين، ماڻهن جي وچ مان نڪري ٻاهر ٽپا. انهن هن فاني دنيا جو آخرين داڻو، پاڻي استعمال ڪيو هو ۽ پنهنجن دوستن ۽ عزيزن سان آخرين پاڪر پاڻي، انهن جون دعائون حاصل ڪري، موت سان مڙداني مقابلي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتا هئا. هڪ لحظي کان پوءِ هنن ڀالن سان ڊڪيل رستي تان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. رستي تي ڇڇندي ٽُي، ساڃي ۽ ڪاهي نيزي بردارن کي ماريندا، ڪاٽيندا ۽ زخمي ڪندا، ڪڌندا، پڇندا ۽ ڇڇ وخر ڪاڻيندا، اڳوڻي ۽ ڏوتي ۽ سان پنهنجي منزل مقصود ڈانهن وڌندا ٿي آيا، جڏ تہ سندن جسمن ۽ کي هڏو ٿي ڪونہ هو ۽ هو سراسر گوشت و پوست جا ٺهيل هئا. پر سندن سچي چستي ۽ چالاڪي بيڪار ۽ بي سود هئي. هو هڪ ٻئي ٻڌيان، کي بادشاه جي وڌيڪ قريب، تہ کي ان کان گهٽو دور، ڪرندا، ۽ مرندا رهيا ۽ مرڻ ۽ راضي رهيا، نہ ان لاءِ تہ ڪين ان جي صلہ ۽ ناپائدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بي بقا شاهي تاج نصيب ٿين وارو هو، ۽ محض ان لاءِ ته دنيا وارن اڳيان سندن دليريءَ، شهسواريءَ ۽ تلوار بازيءَ جي مهارت جو مظاهرو ڪري ۽ سندن واه واه ٿئي. ميلي جي پوين ڏينهن تي ۽ ساڳيءَ بي ڊپاييءَ ۽ بهادريءَ جي نمائش ۽ انساني زندگيءَ جي ساڳي فضول ۽ بيڪار قربانيءَ جو بار بار مظاهرو ڪيو ويندو هو، ۽ جيستائين اهڙا ماڻهو جيئرا آهن، جي محض زندگيءَ تي عزت ۽ آرو، ناموس ۽ ناساچار کي ترجيح ڏين ٿا، تيستائين شايد ڪابه قرباني فضول ۽ بي فائده نٿي ٿي سگهي.

قديم هندستان جو هڪ مقامي تواريخ نويس لکي ٿو ته "بينگال ۾ هڪ عجيب و غريب رسم آهي، جنهنڪري تخت و تاج جي مالڪ ٿين لاءِ پشت پشت وڙي جو رواج موجود ڪونهي... جيڪو ۽ ماڻهو وقت جي بادشاه کي قتل ڪري ۽ ان جي تخت تي وهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، تنهن کي هڪدم بادشاه ڪري تسليم ڪيو ويندو آهي. سڀ امير، وزير، سپاهي ۽ رعيت هڪدم ان جي حڪم جي تعميل ڪندا آهن ۽ سندس آڏو جهڪندا آهن، ڪيس اهوئي درجو حاصل ٿي ويندو آهي، جهڙو سابق بادشاه کي هو، جنهن کري سندس حڪم جي بنان ڪنهن چون وچرا جي تعميل ڪئي ويندي آهي. بينگالي چوندا آهن ته 'اسين تخت جا وفادار آهيون، جيڪو ۽ تخت تي ويهندو آهي، تنهنجا اسين بندا آهيون ۽ ان سان ئي سچا رهندا آهيون.' سوماترا جي شمالي ڪناري تي، پاسيئر جي ننڍڙي بادشاهيءَ ۾ ۽ ساڳي رسم هوندي هئي. قديم پورچوگيز سياح ۽ تواريخ نويس، ڊي- بئروس، جنهن اسان کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي، سو حيران ٿي لکي ٿو ته ڪوبه عقلمند ماڻهو اتان جي بادشاه ٿين لاءِ رضامند ڪونه ٿيندو، چاڪاڻ ته اتان جا ماڻهو پنهنجي بادشاه کي گهٽي وقت تائين زنده رهڻ نه ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اتان جي ماڻهن جي دماغ تي جنون سوار ٿيندو آهي ۽ سڀئي گڏجي شهر جي گهٽين مان جلوس جي صورت ۾ هي خطرناڪ رڙ يون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا ويندا آهن "بادشاه کي مرڻ گهرجي" جڏهن بادشاه اهو موت جو راڪب ٻڌندو هو، تڏهن سمجهندو هو ته سندس بچاءُ اڃي ويڙهي آهي. جيڪو ماڻهو ڪنهن ڏڪ هڻي ماريندو هو سو شاهي خاندان سنجهان ٿي هوندو هو ۽ جڏهن هو خونريزيءَ جو اهو ڪم سر انجام ڪندو هو، تڏهن تخت تي وڃي ويهندو هو، جنهن کان پوءِ ڪنهن باقاعده طور بادشاه تسليم ڪيو ويندو هو، پر ان لاءِ هڪ وڏو شرط اهو هوندو هو ته هو انهيءَ سڄي ڏينهن تائين تخت تي صاحب سانت سان قابض رهي ۽ ڪاميابيءَ ٿئي. ۽، بادشاه جي قاتل کي گهٽو ڪري انهيءَ مقصد ۽ ناڪاميابي نصيب ٿيندي هئي. پورچوگيز سياح ۽ تاجر فرنانڊيز ڏي الڊرڊ جڏهن جي سفر ڪندي، رستي ۽ جنهن ڏينهن پاسوڙ جي ٻندرگاهه ۽ مصالحن جي ڪپ ڪٽڻ واسطي لنگر انداز ٿيون، تنهن ڏينهن ٻن بادشاهن کي، نهايت صاحب سانت سان، بغير ڪنهن شور ۽ غوغا جي، قتل ڪيو ويو هو. ۽ ان هوندي به، شهر جو سڄو ڪاروبار حسب معمول هلندو ئي رهيو، جڏهن ته بادشاهن جو قتل انهيءَ ملڪ ۽ روزمره جو هڪ معمول هو. درحقيقت، هڪ موقعي تي ٽن بادشاهن کي انهيءَ خطرناڪ ڀليڊيءَ ئي جاڙهيو ويو ۽ ٽنهي کي انهيءَ ڏينهن اندر موت جي گرد آلود رستي تي هڪ ٻئي پٺيان گامزن ٿيڻو پيو. اتان جا ماڻهو جيڪي انهيءَ رسم کي، نه فقط قابل تعريف، ۽ ڪن حالتن ۽ ديوتائن وٽان ملهه ۾ سمجهنداآهن، سي ان جي حق ۽ هن طرح سان صفائي پيش ڪندا آهن ته خدا، بادشاه جهڙي زبردست ۽ اعليٰ هستيءَ کي، جو سندس ياران هن دنيا جي حڪومت هلائي ٿو، ٽيستائين انهيءَ طريقي سان هرگز نه ماريندو، جيستائين هو ڪنهن سندس ڪڍڻ ڪرتوتن ڪري اهڙي انجام جي قابل نه سمجهندو. سوماترا جي خط استوائي علاقي کان گهٽو پري، قديم زماني جي 'سلئو' نسل وارن ۾ به ساڳئي قسم جي حڪومت جو رواج پيل معلوم ٿئي ٿو. جڏهن "ڪن" ۽ "جاروڪ" نالي ٻن قبيلن 'سلئو' قوم جي بادشاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رائيءَ کي قتل ڪرڻ جي سازش ۽ ڪاميابي حاصل ڪري، اتان ولي پڳا، تڏهن اتان جا وحشي سندن پٺيان ٻيا، ۽ گهڻي مفاصلي تائين واڪا ڪندا ويا تہ جيڪڏهن اوهين ايندا، تہ پرائي قانون مطابق اسين اوهان کي پنهنجي مقتول بادشاه جي بجاءِ حاڪم بڻائينداسون، پر بادشاه ۽ رائيءَ جا قاتل پڇندا ئي ويل، وحشين جيڏو وعدن تي ڪن ئي ڪونہ ڏنائون، چاڪاڻ تہ هو ائين سمجهي رهيا هئا تہ هنن کين فقط پنهنجي سولائي ماريل لاءِ اهو چار وچايو آهي ۽ انهيءَ ڏسي ڪان هو ڊوڙندا ئي رهيا، تانجو وڏندڙ مفاصلي سبب وحشين جا واڪا ۽ سندن شور بلڪل بند ٿي ويو.

جنهن زماني ۽ بادشاهن کي پنهنجن، يا پراين هٿن سان مقرر ميعاد جي اختتام وقت موت جو ذائقو چکڻو ئي پوندو هو، تڏهن هنن لاءِ اهڙي عذاب ڏيندڙ فرض جي سرانجاميءَ جو پاڻ تان بار لاهڻ لاءِ ڪي عيوضي مقرر ڪرڻ، تہ جيئن اهي ئي سندن ياران پنهنجي جان ڏين، هڪ قدرتي امر هو. معلوم ٿئي ٿو تہ قلبار جي ڪن شهزادن پاڻ کي موت کان بچائڻ جو اهو ڊنگ اختيار ڪيو هو. چنانچہ انهيءَ ملڪ جي باري ۽ صحيح خبر چار ڪندڙ هڪ مقامي اختياري اطلاع ڏني ئي تہ "ڪن هنڌن تي، بادشاهہ ڪنهن مقرر ميعاد لاءِ، انتظامي ۽ ديواني اختيارين مقامي ماڻهن کي سوپيندا هئا. انهيءَ سرشتي کي مقامي بولي ۽ ٽالا ويٽي پروئيم جو ٽالو ڏنو ويو هو، جنهن جي معنيٰ "قتل ڪرڻ ذريعي حاصل ڪيل اختياري هٿي"... اها اختياري پنجن سالن جي عرصي لاءِ هوندي هئي، جنهن جي دوران ۽ واسطيدار ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي علاقي ۽ انتهائي مطاق العنان اختيارات ڏنا ويندا هئا. پنجن سالن جي گذرڻ کان پوءِ انهيءَ شخص جو سر وڍي، هوا ۽ مٿي اڇلايو ويندو هو ۽ هيٺ بيٺل ڪوڙاڻا ان کي جهلڻ لاءِ هڪ ٻئي سان خوب چٽاپيٽي ڪندا هئا. جيڪو ان کي هٿ ڪرڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننهن کي ايندڙ پنجن سالن تائين انهيءَ عهدي لاءِ نامزد ڪيو ويندو هو."

هڪ دفعو جڏهن اهڙن بادشاهن، جن کي مقرر وقت گان ٻوءِ مرڻون ٿي پوندو هو، پنهنجي دماغ ۽ عيوضن جي ذريعي مرڻ جو دل خوش ڪندڙ خيال ويهاريو، تڏهن هنن ان کي قدرتي طور، عملي جامو پهرائڻ شروع ڪيو، جنهنڪري ان ۽ ڪاڏ حيرت نہ آهي، ته ڪيترن ئي ملڪن ۽ اسان کي اهڙي تجويز، يا ان جا آثار ظاهر طور نظر اچي رهيا آهن. امڪانيزيويا جي روايتن مان اسان کي اهڙا اشارا ملن ٿا، ته سئيڊن جا قديم بادشاه فقط نون سالن تائين حڪومت ڪندا هئا، جنهن کان پوءِ انهن کي قتل ڪيو ويندو هو، يا ڪين سندن ٻدران مرڻ لاءِ ڪو عيوضي تلاش ڪرڻو پوندو هو. چنانچہ "آن" يا "اون" نالي سئيڊن جي هڪ بادشاه جي ڳالهہ ڪندا آهن ته هن پنهنجي عمر جي درازيءَ لاءِ "اوڊن" ديوتا جي نالي قرباني ڏني، جنهن تي ديوتا طرفان کيس اهو جواب ملیو ته هو تيستائين زنده رهندو ايندو، جيستائين هو هر نائين سال پنهنجن پٽن مان هڪ کي قربان ڪندو رهندو. چون ٿا ته هن اهڙي نموني سان نون پٽن کي قربان ڪيو ۽ جيڪر ڏهين ۽ آخرين پٽ کي ۽ قربان ڪري ها، پر سئيڊ قوم وارن هن کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو. جنهنڪري هو مري ويو ۽ کيس اسالا وٽ هڪ درڙي هيٺان دفن ڪيو ويو. شاهي اختيار جي انهيءَ مقرر مدي هيٺ جو ثبوت اسان کي "اوڊن" جي تخت تان لهڻ ۽ سندس جلاوطنيءَ جي هڪ عجيب و غريب روايت مان ملي ٿو. 'اوڊن' جي بداعمالن تي سخت ناراض ٿي، پوءِ ديوتائن کيس برادريءَ تان لاهي، کيس جلاوطن ڪري ڇڏيو، پر ساڳئي وقت هنن "اوڊن" جي جاءِ تي "اولر" نالي هڪ جالاڪ جادوگر کي بادشاهي ۽ ديوتائي اختيارن سان نوازي، هن جو عيوضي ڪري رکيائون. انهيءَ عيوضيءَ کي ۽ هنن "اوڊن" جو نالو ڏنو، جنهن انهيءَ نالي سان ڏهہ سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ڪئي، جنهن ڪان پوءِ اصلي "اودن" جي حالت بهتر ٿي ۽ هن نقلي "اودن" کي هڪالي، پنهنجي تخت ۽ تاج تي وري قبضو ڪيو. سندس نا اميد حريف سڀڪجهن ڏانهن پڄي ويو، جتي هن پنهنجيءَ قسمت کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ڪامياب ڪونه ٿي سگهيو ۽ مارجي ويو. جيئن ديوتائون گهٽو ڪري فقط عام ماڻهو ئي هوندا آهن، جي روايتن جي غبار ۾ڀيان اسان کي پنهنجي اصلوڪي جسامت ڪان وڌا نظر ايندا آهن، ان ڪري اسين هيءَ انومان ڪيڙي ڏا سگهون ٿا 'نارس' قوم جي هن قديم ڏند ڪٿا ۾ اسان کي سڀڪجهن جي انهن بادشاهن جو هڪ منجهيل عڪس محفوظ ٿيل ملي ٿو، جي فقط نون يا ڏهن سالن تائين حڪومت ڪري تخت تان لهي ويندا هٿا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربان ٿيڻ جي ذمه داري ۾ن لاءِ چڏي ويندا هٿاه اڻن ۾ي نظر اچي ٿو ايسالا ۾ جيڪو ساليانو وڏو ميلو لڳندو هو، تنهن تي ٿي شايد بادشاهه يا سندس عيوضيءَ کي قتل ڪيو ويندو هوندو. اسان کي هيءَ خبر آهي ٿو اهڙن موقعن تي جيڪي ساڻ سوڻ ڪيا ويندا هٿا، تن ۾ انساني قرباني ضرور ڪئي ويندي هئي.

اسان کي ڪي اهڙيون ثابتيون ۽ ملين آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ٿ قديم يوناني فرمانروائن مان اڪثر جي حڪومت جو دور اڻن سالن تائين محدود هوندو هو، ڪهٽ ۾ ڪهٽ هيءَ ڳالهه ضرور هئي ٿ. اڻن سالن جي هر عرصي ڪان پوءِ، ٽئين سر تاجپوشي ضروري سمجهي ويندي هئي، ٿ جيئن ڪين پنهنجن مذهبي ۽ شهري فرضن کي خوبيءَ سان سرانجام ڪرڻ جي ٽئين سر طاقت حاصل ٿئي. اهڙيءَ طرح اسپارٽا جي آئين جو هڪ هيءَ قاعدو هو ٿ هر اڻن سالن جي عرصي ڪان پوءِ شهر جا منجسٽريٽ ڪنهن صاف، آڪاس رات تي آسمان کي غور سان ويهي سڄيءَ رات تائين خاموشيءَ سان جاچيندا هٿا. جيڪڏهن ڪين رات جي دوران ۾ ڪو شهاب ثاقب، يا ٽٽندڙ تارو آسمان ۾ نظر ايندو هو، ٿ هو سمجهندا هٿا ٿ بادشاه ديوتا جو گناه ڪيو آهي، جنهنڪري هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس پنهنجي منصب تان تيستائين موقوف ڪري ڇڏيندا هئاجو جيستائين اولهه‌پار يا ڏيلفيءَ جو غيبي آواز کيس دوباره پنهنجي اصلوڪي عهدي تي فائز ڪري. اها رسم جنهن سان انتهائي قديم زماني جي يوءَ اچي رهي آهي، سا اسپارٽا جي آخرين بادشاهي دور حڪومت جي دوران ۾ ۽ مروج هئي ۽ ان کي فراموش ڪيو ويو هو، چاڪاڻ ته خود اسان جي زماني (عيسوي سن) کان فقط ٽي صديون اڳ، هڪ بادشاه ڪيءَ جنهن پنهنجي ملڪ جي اصلاحي جماعت جي ميمبرن سان بدسلوڪي ڪئي هئي، گهٽين ٽي من ڪوڙيل تهمتن هيٺ سچ پچ تخت تان لاٿو ويو هو ۽ انهن سيني کان وڌيڪ اهم ۽ نمايان تهمت هيءَ هئي ته هن سندس بدبختيءَ جي اها قدرتي نشاني صاف طور آسمان ۾ ڏٺي هئي.

اڳئين زماني ۾ جيڪڏهن اسپارٽا وارن ۾ بادشاهيءَ جو عرصو ان سالن تائين محدود هو، ته پوءِ اسين هي سوال قدرتي طور پڇي ٿا سگهون ته بادشاه جي دور حڪومت جو خاص طرح ايترو مدو ڇو مقرر ڪيو ويو هو؟ انهيءَ جو سبب اسان کي قديم زماني جي علم نجوم جي ڪن اهڙن آسانن سان ملي ٿو، جن تي يوناني ڪئلينڈر جو بنياد رکيل هو. سج ۽ چنڊ جي وقتن اندر جيڪو فرق آهي، سو اهڙن ماڻهن لاءِ جي اڃا مس وحشي حالت کان باهر نڪري رهيا آهن، هڪ دائمي ڄجهارت پڇيل هو آهي. هاڻي، اٺ-سالو چڪر، اهو ننڍي ۾ ننڍو عرصو آهي، جنهن جي ختم ٿيڻ تي سج ۽ چنڊ هڪ ٻئي سان اچي وک ملائڻ ٿا ۽ هڪ ٻئي جي هيٺان ۽ مٿان گردش ڪن ٿا. مثال جي طور، ان سالن جي عرصي ۾ جوڙهيءَ جو چنڊ فقط هڪ دفعو سال جي وڏي ۾ وڏي يا ننڍي ۾ ننڍي ڏينهن تي ظاهر ٿئي ٿو. قديم زماني ۾، ڪئلينڊر ۾ پوريءَ طرح ڪيرڪٽر آڻڻ جو ڪو مذهبي نوعيت جو هوندو هو، چاڪاڻ ته ان جي ذريعي ٿي اهڙين صحيح موسمن جو پتو پڇي سگهندو هو، جن ۾ ٽوم جي پلائيءَ خاطر موزون ديوتائن کي راضي ڪرڻ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسمون ادا ڪري سگهيون هيون. چنانچ ، هن ۽ ڪو، تعجب ڪونهي
ته بادشاه ڪي ملڪ جي مها پوڃاري ، يا ڪن حالتن ۽ خود
ديوتا جي حيثيت ۽ اهڙي مقرر ميعاد کان پوءِ تخت تان لاٿو
وڃي، يا قتل ڪيو وڃي. آسمان جون اهي ٻئي عظيم ۽ تابناڪ
هستيون جڏهن پنهنجو دورو ختم ڪنديون آهن ۽ وري انهيءَ
چڪر ڪي نئين سر شروع ڪرڻ واريون هونديون آهن ، تڏهن
زمين وارا اهو خيال ڪندا آهن ته سندن بادشاه ڪي ۽ پنهنجن
خدائي قوتن کي دوباره جوان ڪرڻ گهرجي ، يا ته ڪيس اهو ثابت
ڪرڻ گهرجي ته سندس خداداد قوتون زائل نه ٿيون آهن ، نه ته
ڪيس زياده طاقتمند ۽ مضبوط جانشين لاءِ جاءِ خالي ڪرڻ گهرجي.
انهن مٿي ڏسي آيا آهيون ته ڏکڻ هندستان ۾ بادشاه جي زندگيءَ
۽ حڪومت جو ڇيويهڙگره جي دوري جي اختتام سان خاتمو ٿيندو
هو. هوڏانهن وري يونان ۾ انن سالن جي ختم ٿيڻ سان بادشاه جي
قسمت زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪندي رهندي هئي ۽ هڪ
لٽندڙ تاري جي نظر اڳيان سان ئي ان جو فيصلو ڪيو ويندو هو.

ان جو اصلي سبب ڪهڙو ۽ ڇو نه هجي، بهرحال، هيءَ
هڪ عجيب اتفاق آهي ته انن سالن جو اهو چڪر ، اسپارٽا
جي بادشاهن کان علاوه يونان جي ٻين رياستن جي بادشاهن جي
حڪومت جي عرصي ۾ ۽ ساڳي طريقي سان اثر انداز هو. اهڙيءَ
طرح، ڪريٽ ٻيٽ جي ڪنوسس ۾ رهندڙ جو بادشاه "مينوس" ،
جنهن جي پراڻي معجلات جا قتل نشان تازو کوٽي ڪڍيا ويا
آهن، انن، انن سالن جي جدا جدا عرصي لاءِ حڪومت ڪندو
هو. انن سالن جي هر عرصي کان پوءِ هو هڪ موسم 'ايدا' جبل
جي ديوتائن واريءَ غار ۾ هليو ويندو هو، جتي هو پنهنجي
ديوتا- ٻيءَ، زيئس سان هم ڪلام ٿيندو هو. ڪيس ڪڏهن انن
سالن جي حڪومت جي ڪارگذارين کان واقف ڪندو هو. ۽
ايندڙ انن سالن جي عرصي لاءِ هن کان نيون هدايتون وٺندو هو.
هن روايت مان هيءَ ڳالهه صاف ظاهر آهي ته انن سالن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدي پچائا بادشاه جون مقدس قوتون، ديوتا سان همڪلام ٿي، تازيون ٿيڻ گهربيون هيون، جنهن کان سواءَ کيس تخت و تاج تان محروم ٿيڻو پوندو هو.

هيءَ جو اٽينس وارن کي هر اٽين سال مينوس بادشاه جي خدمت ۾ ست نوجوان ڇوڪرا ۽ ست ڪنواريون ڇوڪريون موڪلڻيون پوندينون هيون، تن جي متعلق اسين هن انوسان ڪيڏ ۾ اجائي ايهرائيءَ جا ذميدار نه ٿيندا سون ته اٽينس وارن جي الهيءَ سوغات جو بادشاه جي قوتن کي ايندڙ اٺ سالي چڪر لاءِ تازي ڪرڻ سان ضرور ڪو واسطو هو، ڪريٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ، انهن ڇوڪرن ۽ ڪنوارين جو ڪهڙو حشر ٿيندو هو، تنهن جي متعلق مختلف روايتون موجود آهن. هڪ عام روايت اها آهي ته کين گورک ڏنڊي وانگر ور وڪڙ ڪائيندڙ هڪ غار ۾ بند ڪيو ويندو هو، جتي آخرڪار کين هڪ بلا ڀرڪائي ويندي هئي، يا اهي ان غار ۾ عمر تائين قيد رهندا هئا. ڪي وري ڇون ٿا ته انهن کي ڏکي جي شڪل جهڙيءَ، يا ڏکي جي سريءَ واري ماڻهوءَ جي صورت جهڙيءَ بتل جي ڊيگ ۾ جيڙو پچايو ويندو هو ته جيئن بادشاه ۽ سج ديوتا جي طاقت ۾ نئين سر اضافو ٿئي، ڇاڪاڻ ته اهو بادشاه سورج ديوتا جي اوتار هئڻ جي دعويٰ ڪندو هو. ڪرازڪر "تالوس" جي ڏندڪتا مان، جو ڪنجهي مان ٺهيل هڪ ماڻهو هو ۽ جو ماڻهن کي پنهنجي سيني سان چيپائي باه ۾ ٽپو ڏيندو هو ۽ کين پچائي چڏيندو هو، اسان کي اهائي حقيقت معلوم ٿي رهي آهي. ڇيو وڃي ٿو ته "تالوس" کي "يوروپا ديويءَ" "زيئس" جي سرد ڪيو هو، يا پيءَ روايت موجب "هيفائيسٽس ديويءَ" "مينوس" کي ڪريٽ جزيري کي ڏينهن ۾ ٽي دفعا پهري ڏيڻ لاءِ ڏنو هو. هڪ بيان موجب اهو 'تالوس' ڏکو هو، پر پيءَ ڏند ڪتا موجب هو سورج هو. ممڪن آهي ته جيڪڏهن ان تان ڏند ڪتا جو لباس لاهي، کيس حقيقت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ته هو ڪنجهي مان ٺهيل سورج ديوتا جي انساني جسم ۽ ڏکي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشي۽ واري مجسمي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ۽ ڪونه هو. ممڪن آهي ته اسپ جي آڙاهن کي تيز ۽ تازي ڪرڻ لاءِ ٻٽ کي انساني قربانيون ڏيڻ ڪيون ويندڙ هجن ۽ ماڻهن کي ان جي زوري جسر اندر پڃايو ويندو هو، يا ڪين ان جي لهنوارن مٿن تان ڪڪائي ٻاهر جي آڙاهه ۽ اڇلايو ويندو هو. جون ٻڌايل ڪارٽيگونيا جا رهاڪو "مولڪ" ديوتا کي ٻنهنجن ٻارن جي قرباني انهيءَ ٻوڌين طريقي سان ڏيندا هئا. ٻارن کي هڪ ڪنجهي مان ڦهيل، گابي جي صورت واري مجسمي جي مٿن تي ليٽايو ويندو هو، جتان اهي معصوم ٻار گسڪندا، هيٺ ٻاهه جي ڪوري ۽ وڃي ڪرندا هئا ۽ انهن جي رڙين ۽ چيڻن جي آواز کي دٻائڻ لاءِ، قبيلي وارا تنبورن ۽ توتارين جي زوردار سُر ۽ تار تي ناچ ڪندا هئا. ڪريٽ وارين روايتن جي ڪارٽيگينيا وارين رسمن سان جڪا مشابهت آهي، تنهن سان هيءَ انوبان نڪري رهيو آهي ته مينوس ۽ منوتار نالن وارن ديوتائن سان جڪي رسمون ۽ پوڄائون واسته آهن، سي سيميٽڪ نسل وارين قومن جي ديوتا "بعال" جي پوڄائن کان متاثر ٿيون آهن. انڪرينجينٽر جي ظالم بادشاه فئلارس ۽ سندس ڪنجهي جي ڏکي جي روايت ۽ اسان کي سسلي ٻيٽ جي ساڪيءَ نوعيت واريون رسمن جو پڙاڏو پڏڻ ۽ اڄ ڏينهن جي ڪارٽيگنا واري جي حڪومت مضبوط پاڙون پکڙيون هيون.

لاڳوس صوبي جي يوروبا قوم جي آئجيبو قبيلي جون به شاخون آهن، جي "آئجيبو اوڊ" ۽ "آئجيبو ريمن" جي مختلف نالن سان مشهور آهن. انهيءَ قبيلي جي "اوڊ" شاخ وارن ته جنهن مردار جي حڪومت آهي، تنهن کي "آوو جيل" جي لقب سان سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي شخصيت پراسرار ماحول ۽ ڪوڙيل آهي. موجوده دور تائين ان جي رعايا مان ڪنهن به سندس صورت ڪانه ڏٺي هئي، ۽ جيڪڏهن حالات جي ڪنهن مجبوريءَ کان ڪيس انهن سان مخاطب ٿيڻون ٿي پوندو هو ته هو پردي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻيان ٻهي سائن ڳالهائيندو هو. قبيلي جي ٻيءَ شاخ، "ريمن" تي جيڪو سردار حڪومت ڪندو آهي، سو "آووجيل" کان گهٽ درجي وارو آهي. مسٽر جان پارڪنسنز کي ٻڌايو ويو ته گذريل زماني ۾ ڪن سائن جي حڪومت کان پوءِ انهيءَ زبردست سردار کي سائن سوڻن سان قتل ڪيو ويندو هو. جيئن ته اهو ملڪ هاڻي برطانوي تاج جي حفاظت هيٺ آهي، ان ڪري انهيءَ سردار کي قتل ڪرڻ جي رسم گهڻي وقت کان وڃي منسوخ ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري مسٽر پارڪنسنز کي ان جي متعلق ڪي ۽ زياده تفصيل معلوم ڪرڻ ڏي سگهيا.

تاريخي دور ۾، بابل اندر بادشاهيءَ جو مدو عملي طور ته زندگيءَ تائين هوندو هو، ۽ اصولاً، اڄين نظر اچي رهيو آهي، ته اهو فقط هڪ سال تائين هوندو هو، چاڪاڻ ته هر سال "زاگموڪ" جي ميلي وقت بادشاه کي بابل واري "ايساگل" مندر جي مردوڪ ديوتا جي مجسمي جا هٿ ڇڪڻي، ان کان ڏيون سالياڻيون اختيارڻون وڃائيون پوندڙون هيون. بعد ۾، جيتوڻيڪ بابل جو علاقو 'اسيريا' جي بادشاهن جي حڪومت هيٺ آيو، تڏهن به اسيريا جي بادشاهن کي پنهنجي اقتدار کي قانوني شڪل ڏيڻ لاءِ هر سال "نئين سال" واري ميلي تي شخصي طور حاضر ٿي، ديوتا کان اختيارڻون حاصل ڪرڻيون پونديون هيون. ڪجهه وقت کان پوءِ، ڪن بادشاهن انهيءَ فرض جي ادائگيءَ کي پنهنجي مٿان اهڙي ته چٽي ڀائي، جو انهن بابل جي بادشاه هٿ جي خطاب تان ئي ڪڍي هٽ ڪيون ؟ ان کان گهٽ درجي واري گورنري لقب تي ئي اڪتفا ڪئي. ازانسواءِ، تمام قديم زماني ۾، جيتوڻيڪ تاريخي دور ۾ نه، اڄين معلوم ٿي رهيو آهي ته بابل جي بادشاهن يا سندن وحشي ابن ڏاڏن کي سال جي حڪومت پچاڻن، نه فقط پنهنجي تخت ۽ تاج تان هٽ ڪٽڻ پوندو هو، پر ڪين پنهنجو سر ۽ وڃائڻو پوندو هو. ڪر ازڪر هيٺين شهادت مان اسان انهيءَ فيصلي تي پهچي وڃون ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيروسس تالي هڪ قديم تواريخ نويس مطابق، جو پاڻ بابل جي پادريءَ هڻڻ جي حيثيت ۾ گهڻي اختياريءَ سان گهالهائي رهيو هو، بابل ۽ 'ساكائي' تالي هڪ ساليانو ميلو لڳندو هو، جو 'لوس' مهيني جي ١٦ تاريخ شروع ٿيندو هو ۽ پنجن ڏينهن تائين هلندو هو. انهن پنجن ڏينهن تي مالڪ ۽ نوڪر هڪ ٻئي سان جايون ادلائيندا هئا ۽ نوڪر مالڪن کي حڪم ڏيندا هئا، جي انهن جي فوري تعميل ڪندا هئا. موت جي سزا واري قيديءَ کي بادشاهي پوشاڪ پهرائي ويندي هئي، ڪيس شاهي تخت تي ويهارڻو ويندو هو، ۽ هرقسم جي حڪم ڏيڻ جي ان کي اجازت ڏني ويندي هئي. هو خوب کائيندو، پيئندو ۽ عيش و آرام ڪندو هو، ايتري قدر جو ڪيس بادشاه جي سيندين سان سمهڻ جي ۽ اجازت ڏني ويندي هئي، ۽ پنجن ڏينهن کان پوءِ سندس شاهي پوشاڪ لاٿي ويندي هئي ۽ ساٺس عقوبتون ڪيون ويندڙون هيون ۽ آخرڪار ڪيس سولي يا صليب تي چاڙهيو ويندو هو. انهيءَ مختصر عرصي لاءِ ان کي "زوگينس" جو خطاب ڏنو ويندو هو. انهيءَ رسم جي سمجهاڻي اهائي ٿي سگهي ها، ته خوشيءَ ۽ تماشي جي انهيءَ عام موقعي تي، هڪ غريب ۽ بيوس قيديءَ سان اها ٺٺولي ڪئي ويندي هئي، ۽ بادشاه جي سيندين سان سمهڻ جي اجازت، انهيءَ سمجهاڻيءَ جي مخالفت ۾ هڪ فيصلڪن دليل آهي. هڪ مشرقي مطلق العنان حاڪم جي حرم جي ورده پوشيءَ جو خيال ڪندي، اسان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي ته انتهائي سنگين سبب کان سواءِ، هو ڪنهن ٻ ماڻهوءَ ۽ خاص ڪري موت جي سزا واري هڪ قيديءَ کي، پنهنجي حرم تي اهڙيءَ طرح حملي ڪرڻ جي اجازت ڪڏهن ٻ نه ڏيندو. انهيءَ مجبوريءَ جو اصلي سبب، سواءِ ان کان ٻيو ڪوبه ڪونه ٿي سگهي ته ته، ان مظلوم قيديءَ کي بادشاه جي بدران ماڻ کي قربان ڪرڻون پوندو هو، جنهن ڪري مشابهت کي مڪمل ڪرڻ خاطر، ڪيس اهي سڀ شاهي رعايتون ڏنيون ويندڙون هيون، جي هڪ بادشاه کي هڻڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري هوندڙن هيون. بادشاهن کي مقرر وقت تي قتل ڪرڻ جو قانون اهڙو هو، جنهن کي اڪثر يا پوءِ، بادشاهن منسوخ ڪرڻ يا ان ۾ اصلاح آڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هوندي. اسين ڏسي آيا آهيون ته الوپيا، سوفالا ۽ آئيو جي روشن دماغ بادشاهن همت ڪري انهيءَ قانون کي ڪڏهن نه رد ڪري ڇڏيو، ڪئليڪٽ جي بادشاهن کي بارهن سالن جي مقرر وقت کان پوءِ قتل ڪرڻ جو رواج، انهيءَ عرصي کان پوءِ ڪيئن ڪملي ڪرڻ جي رسم ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ڪامياب ٿيندڙ اميدوارن کي بادشاه جي بدلي ۾ راڄ جو حق ڏنو ويو. جيتوڻيڪ هو پاڻ کي محافظن جي گهيري هيٺ محفوظ رکندو هو ۽ ڪملي ڪرڻ جي اجازت فقط رسمي هوندي هئي. انهيءَ قديم ۽ سخت قانون جي ترميم جو مثال اسان کي بابل جي انهيءَ رسم مان ملي ٿو، جنهن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. جڏهن بادشاه کي قتل ڪرڻ جو وقت قريب ايندو هو، بابل ۾ اهو وقت هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ ٿو معلوم ٿئي. تڏهن هو ڪجهه ڏينهن تائين تخت تان لهي ويندو هو، جنهن جي دوران ۾ هڪ عارضي بادشاه حڪومت ڪندو هو، جنهن کي قربان ڪيو ويندو هو. بهرڀائين ته بادشاه جي بجاءِ مرڻ وارو ماڻهو ڪو بيگناهه شخص ٿي هوندو، جو گهٽو ڪري شاهي خاندان جو فرد هوندو، ۽ تهذيب جي واڌاري سان ڪنهن بيگناهه معصوم شخص کي ناحق مارڻ جو ڪم عام ماڻهن جي نظرن ۾ حقارت جوڳو ٿي پوهوندو، جنهنڪري هون ڏورن ۾ موت جي سزا واري ڪنهن ڏوهاري کي عارضي بادشاهي ڏني ويندي هوندي، جنهن کان پوءِ منڊاسو سرلاٽو ويندو هوندو. اڪثر هلي اسين گهٽن ٿي ڏوهارين کي مرندڙ ديوتائن جو ڪردار ادا ڪندي، پاڻ مرندو ڏسندا سون. چاڪاڻ ته اسان کي اها ڳالهه هرگز نه وساريڻ گهرجي ته جيئن "شلوڪ" ۾ بادشاهن جي حالات مان ظاهر آهي، ته بادشاه کي هڪ ديوتا يا ته ديوتا جي حيثيت ۾ ئي قتل ڪيو ويندو آهي. ڪنڊن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت ۽ مابعد زندگيءَ کي ٻن ديوتائن جي زندگيءَ کي ٻڌيرڪنهن نقص يا اوڻائيءَ جي قائم رکڻ جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کي دنيا ۽ دنيا وارن جي نجات جو راز سمايل هوندو آهي.

هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ بادشاه کي قتل ڪرڻ جي رسم جا ڪي آثار "مڪاهڻي" تقريب ۾ ٿي باقي اڇيل معلوم ٿين ٿا. جا "هوائي" ٻڌن ۾ هر سال جي آخرين مهيني ۾ ملهائي ويندي هئي. الڪل هڪ سو سال اڳ، هڪ روسي سياح انهيءَ تقريب جو هيٺيون بيان ڏنو آهي: "مڪاهڻيءَ جي تقريب اسان جي تقريبن کان مختلف ڪانه آهي. اها سڄي مهيني تائين هلندي آهي ۽ ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ وارا پاڻ کي راڪن، ناڇن، ناڪن ۽ مصنوعي مقابلن ۾ ونڊرائيندا آهن. انهيءَ ميلي جو افتتاح بادشاه کي ڪرڻو پوندو آهي، خواه هو ماڪ جي ڪهڙي ۾ حصي ۾ هجي. انهيءَ سوڳمي ٽي بادشاه پنهنجو سڀ کان زياده قيمتي جبو ۽ فولادي ٽوپ پائيندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس هڪ نيزيءَ ۽ ٻرڇيءَ ۾ سوار ڪري ڪناري جي لڳ سير ڪرايو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس رعيت مان گهڻا ماڻهو ڪنارو ڇڏي سندس ٻرڇيءَ جي ٻيائين هلندا رهندا آهن. بادشاه صبح جو تمام سوير ٻرڇيءَ ۾ سوار ٿيندو آهي. جاڪان تائين پنهنجو اهو سير سڄ ڪرڻ کان اڳ ئي ختم ڪرڻو پوندو آهي. ٻرڇيءَ مان لهڻ وقت سندس استقبال ڪرڻ لاءِ سندس جنگي جوڌن مان سڀ کان زياده طاقتور ۽ هڪ انتهائي ماهر نيزي باز منتخب ڪيو ويندو آهي. اهو جانباز ڪناري تان ٻيڙي، ٻيڙيءَ کي غور سان جاچيندو رهندو آهي. جيئن ئي بادشاه ٻيڙيءَ تان لهي، زمين تي قدم رکندو آهي، ۽ پنهنجو چوغو لاهي ڦٽو ڪندو آهي، ٽيئن ئي اهو جانباز ڏاڍيءَ تڙي سان ڏانهس هڪ ٻاڻو اڇلائيندو آهي، جو بادشاه کي جهٽو پوندو آهي، ته سندس موت يقيني هوندو آهي. اها سڄي ڪارروائي نهايت سنجيدگيءَ سان ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي چرچو يا ٻوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙ هوندو آهي. پالي کي پکڙڻ پچائڻ، بادشاه ان جي ٽوڙ ٽوڪ کي زمين طرف اونڌو ڪري، پنهنجي بغل ۾ جهلي، مندر (هيوو) ڏانهن ويندو آهي، جتي سندس رعايا هن جي انتظار ۾ بيٺي هوندي آهي. بادشاه جي پهچڻ شرط سڀ ماڻهو مصنوعي جنگ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ هر طرف پالا ئي پالا نظر ايندا آهن، جي انهيءَ موقعي لاءِ خاص طور مڊن ڦڙن سان ناهيا ويندا آهن. هماميءَ (بادشاه) کي کيترن وقتن تي انهيءَ کل جهڙي رسم کي ختم ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ هر سال هو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهندو آهي، ۽ هن ٽي ڪوءِ اثر ڪونہ ٿيو آهي. هن جو هميشه اهو ئي جواب هوندو آهي تہ هو نيزي کي پکڙڻ جو اهڙو ئي ماهر آهي، جهڙو ڪو ٻيو ان کي ڏانهنس ڏئي ڪرڻ جو ماهر آهي. "ماڪاهڻي" ميلي جي موقعي تي ملڪ جي سڀني ڏوهارين جون سزائون معاف ڪيون ويندبون آهن، ۽ ڪوءِ ماڻهو ميلي جي مڃي عرضي ۾ اها جاه نہ ڇڏي سگهندو آهي، جتي هوميلي جي آغاز وقت موجود هوندو آهي."

هڪ سال جي حڪومت کان پوءِ بادشاهن کي قتل ڪرڻ جي رسم تي اسان کي ان وقت کو خاص تعجب ڪونہ لڳندو، جڏهن اسين ڏسنداسون تہ اڄ ب. هڪ اهڙي بادشاهي قائم آهي، جنهن جي بادشاه جي زندگي ۽ حڪومت فقط هڪ ڏينهن تائين محدود آهي. ڪانگو جي قديم بادشاهيءَ جي "نگوئيو" نالي هڪ صوبي ۾ هيءَ قانون مروج آهي تہ جيڪو ب بادشاهيءَ جي ڪوبي حاصل ڪندو آهي، تنهن کي تاجپوشيءَ واري ڏينهن ئي، شام جو قتل ڪيو ويندو آهي. انهيءَ تخت جي وراثت جو حق "سرونگو" نالي هڪ سردار کي ملهل هوندو آهي، ۽ ان ڪوءِ تعجب کونهي تہ هو پنهنجي انهيءَ حق تان دستبردار ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري تخت هميشه خالي ٻيو رهندو آهي. "نگوئيو بادشاهيءَ جي تخت تي چند ساعتن جي شان و شوڪت ماڻڻ لاءِ ڪوءِ پنهنجي سر جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجويهون

عارضي بادشاه

ڪن ملڪن ۾ بادشاهن کي قتل ڪرڻ جي قديم رسم جي ترسير ٽيل صورت ۾ جنهن جي وجود جا آثار بابل ۾ ملي رهيا آهن ، ڪنهن حد تائين اڄا ۾ وڌيڪ نرمي آندي ويئي آهي . بادشاه اڄا ۾ هڪ مال کان ٻوءِ تخت تان دستبردار ٿئي ٿو ۽ ان جي بجاءِ هڪ عارضي حاڪم ٿاڦيو وڃي ٿو ، ۽ انهيءَ عارضي بادشاه جي قليل دور حڪومت جي اختتام وقت هاڻي ڪيس قتل ڪرڻ ڪيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ قديم رسم جي يادگار طور، جڏهن بادشاه کي سچ پچ ماريو ويندو هو، اڄا ۾ مصنوعي قتل جو ڪڏهن ڪڏهن ڏونگ رچايو ويندو آهي . هاڻي، اڇو تہ ان باري ۾ ڪي مثال ولون. ڪئمبوڊيا جو بادشاه 'ميڪ' (فبروري) مهيني ۾ ٽن ڏينهن لاءِ تخت تان لهي ويندو هو. انهن ڏينهن جي دوران ۾ ، هو ڪابہ شاهي اختياري ڪانہ هلائيندو هو، نہ ڪنهن شاهي مهر کي هٿ لائيندو هو، ۽ نہ وري ڪا اهڙي ڏل، يا ڪو اهڙو محصول اڳاڙيندو هو، جو انهن ڏينهن ۾ رواجي طرح وصول ٿيڻ جوڳو هوندو هو. اصلي بادشاه جي بدران انهن ٽن ڏينهن ۾ هڪ عارضي بادشاه حڪومت هلائيندو هو، جنهن کي "سڀاج ميڪ"، يعني "فبروري بادشاه" سڏيو ويندو هو . عارضي بادشاه جو اهو عهدو شاهي گهراڻي جي ڪنهن برانهين مائٽ جي خاندان ۾ موروثي طور هلندو رهندو هو، ۽ حقيقي بادشاهيءَ واڱر، هن حالت ۾ ب ٻيءَ کان ٻوءِ ٻت، يا وڏي ٻاڻ کان ٻوءِ ننڍو ٻاڻ، اهو عهدو ماڻيندو هو. نجومي هڪ سياڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن مقرر ڪندا هئا، جنهن تي پنڌت عارضي بادشاه جو فاتحانہ جلوس ڪيندا هئا. ڪيس شاهي سواريءَ جي هاڻين سان هڪ تي، جنهن جي ٻئي ۽ تي شاهي پالکي رکيل هوندي هئي، سوار ڪيو ويندو هو، ۽ جلوس جي اڳواڻي اڳرا سپاهي ڪندا هئا، جي سپاهي، ازام ۽ لائوس جي همسايه قومن جي پوشاڪن ۽ ملبوس ۾ هئي، انهن قومن جي نمائندگي ڪندا هئا. سونهي تاج بدران، سندس مٿي ۽ اڇي، نوڪدار ٽوپي پائي ويندي هئي، ۽ هيرن، جواهرن سان جڙيل سونهي ساز و سامان بدران، عارضي بادشاه ڪي ڪاٺ جون نقلي شيون ڏيون ويندين هيون. حقيقي بادشاه کي سلام ۽ نياز پيش ڪرڻ کان پوءِ، جنهن وٽان ڪيس ڪڍي ڏينهن جي بادشاهيءَ ۽ انهن ڏينهن ۽ وصول ٿيندڙ سيني ديڻ ۽ محصولن اڳاڙڻ جي اختياري (پوئين رسم ڪذريل ڪن ماڻن کان وٺي ختم ڪئي ويئي آهي) عطا ٿيندي هئي، هو جلوس جي صورت ۾ شاهي محلات جي ڇوڙي، ۽ راجڌانيءَ جي گهٽين وڃان لنگهندو هو، ٽئين ڏينهن تي، دستوري جلوس کان پوءِ، عارضي بادشاه هي ۽ حڪم جاري ڪندو هو ته هاڻين کان "جانورن جي جنگ" کي لتاڙايو وڃي. اهو جنگ ماڻهن جي سنهين کاڌين جو هڪ وڏو ڇڙو هوندو هو، جنهن کي ڇهن طرفن کان ساڙين جي سنگين ڇوڙهيون ڏڪ هوندڙ هيون. هاڻين جي لتاڙڻ کان پوءِ، ساڙين مان ڪيترن جانورن کي ڪندا هئا، جي تماشائي چونڊي، گهر ڪٽي ويندا هئا. جاڪاڻ ته سندن اعتقاد هوندو هو ته انهن جانورن جي برڪت مان سندن فصل ڦلا ڏيندا. ڪجهه جانور اصلي بادشاه جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويندا هئا، جو اهي رڌائي، ڀاون کي کائي لاءِ موڪلينڊو هو.

سيام ۾، ڇهين ڇنڊ جي ڇهين ڏينهن تي (اپريل جي آخر ڌاري) هڪ عارضي بادشاه مقرر ڪيو ويندو آهي، جو ٽن ڏينهن تائين شاهي حق ماڻيندو آهي ۽ اصلي بادشاه انهن ڏينهن تي پنهنجي محلات اندر بند رهندو آهي. اهو عارضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه تخت تي ويهڻ شرط پنهنجن بيشمار چاڑڻن کي شهر جي مختلف طرفن ڏانهن ڊوڙائيندو آهي، جي بازار ۽ گهٽين جي ڪنڊ دڪانن تان اهڙيون سڀ شيون کڻي ضبط ڪندا آهن، جن تي سندن دسترس ٿي سگهندي آهي. ايتري‌قدر جو، انهن ڏينهن جي دوران ۾ بندرگاه تي جيڪي جهاز يا غوراب اتفاق سان اچي لنگر انداز ٿيندا آهن، سي به ضبط ڪيا ويندا آهن، ۽ سندن مالڪن کي پنگو ڏيئي اهي چڏائڻا پوندا آهن. عارضي بادشاه شهر جي عين وچ ۾ واقع هڪ پنيءَ تي ويندو آهي، جتي ماڻهو هڪ سونهرو هرڪاهي ايندا آهن، جنهن ۾ رنگا رنگي جُهلن سان سينگاريل ڏڪڻ جو جوڙو جوتيل هوندو آهي. ڏڪڻ کي پاڻ تيل ملڻ، ۽ هر کي ڏوپ واس ڏيڻ کان پوءِ، عارضي بادشاه انهن سان ڏرتيءَ تي نئو اوڙون ڪيندو آهي، ۽ شاهي محلات جون وڏيءَ عمر واريون ڪنواريون عورتون هن جي بلڪل ٻيان ٿي ٻيان موسم جو ٻهريون ٻج زمين ۾ ڇڻنديون ويندڙون آهن. جيئن ٿي انهن نئون اوڙن ۾ ٻج پڄي ويندو آهي، تيئن ٿي تماشائين جو هجوم ڇڻيل ٻج کي گڏ ڪرڻ لاءِ اوڙن ڏانهن ڊوڙندو آهي، چاڪاڻ ته ماڻهن جو اعتقاد آهي ته ٻنين ۾ اهو ٻج وجهڻ سان سندن فصل ڀلا ٿيندا. ان کان پوءِ ڏڪڻ کي پاجاريءَ سان کولهو ويندو آهي، ۽ کين چانور، ڪائي، تير، صابو چانور، ڪيلا، ڪمند ۽ هنداڻا کائڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. ماڻهن جو خيال آهي ته انهن شين سان ڏڪا جنهن به شيءَ ۾ سڀ کان اڳ ڇڪ هٿندا، سا ايندڙ سال سهانگي ٿيندي. حالانڪ جي ماڻهو انهيءَ سان بلڪل ابتو شگون ڪيندا آهن. انهيءَ سڄيءَ ڪارروائيءَ جي دوران ۾ عارضي بادشاه پنهنجو ساڄو پير ڏائي گوڏي تي رکي، هڪ وڻ سان ٽيڪ لائي بيٺو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح، هڪ پير تي بيهڻ سبب هن کي عام طرح "ٽي ٻ بادشاه" سڏيو ويندو آهي، پر هن جو سرڪاري لقب "فاپا فولاٽيپ" آهي، جنهن جي معنيٰ "آسماني فوجن جو مالڪ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هو هڪ قسم جو وزير زراعت آهي، چاڪاڻ ته ٻنين ۽ جانورن وغيره جا سڀ تڪرار ۽ ڏس فيصلي لاءِ آندا ويندا آهن. تنهن کان سواءِ هڪ ٻي ۽ اهڙي تقريب آهي، جنهن ۾ هو بادشاه جو ڪردار ادا ڪندو آهي. اها تقريب سال جي ٻئي مهيني ۾ (جو سرديءَ جي موسم ۾ اينڊو آهي) ادا ڪئي ويندي آهي ۽ ان ڏينهن تائين هلندي آهي. ڪيس جلوس جي صورت ۾ "برهمڻن جي مندر" جي سامهون واري ڪليل ميدان ڏانهن وڃي ويندا آهن، جتي "مي- پول" جهڙن لڪڙن وانگر گهٽائي سينگاريل لڪڙا ڪٽل هوندا آهن، جن تي برهمڻ نچندا، ڪڏندا ۽ ٽپا ڏيندا آهن. جيتري وقت تائين برهمڻ ٽپ ڏيندا رهندا آهن، اوتري وقت تائين "آسماني فوجن جي مالڪ" کي سرن مان ٽهيل هڪ ٽلهي تي، جنهن تي ليپو لڳل هوندو آهي ۽ مٽائيس اڇو ڪپڙو وڇايل هوندو آهي، هڪ پير تي بيهڻو هوندو آهي. پاسي ۾ ڪاليءَ جي هڪ گهوڙي رکيل هوندي آهي، جنهن جي مٿان چانو ڪرڻ لاءِ سنهري چٽي لڳل هوندي آهي، جنهن تي هو ٽيڪ ڏيئي بيهندو آهي ۽ ٻه برهمڻ پاسن کان سهاري ڏين لاءِ بيهندا آهن. نچندڙ برهمڻن جي هٿن ۾ سينهن جا سگ هوندا آهن، جي هو نچندي، ڪڏندي، پاسي ۾ رکيل ٽاسي جي هڪ وڏيءَ ڊيگ مان پاڻيءَ سان ڀري، تماشاين مٿان چڙڪائيندا آهن، ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن متن اهو پاڻي هوندو ته سندن وارا نيارا ٿيندا ۽ هو تندرست، توانا ۽ سڪيلا رهندا. "آسماني فوجن جي مالڪ" کي ڪل ٽن ڪلاڪن تائين هڪ پير تي بيهڻو هوندو آهي. ائين سمجهيو ويندو آهي ته انهيءَ عمل ڪرڻ سان "ديوتائن ۽ روحن جي برڪت نازل" ٿيندي. جيڪڏهن انهيءَ دوران ۾ هن جو پير زمين تي ڪري ويو ته پوءِ بادشاه جي هٿان هن جي سڄيءَ ملڪيت ضبط ٿيڻ، ۽ سندس سڄي خاندان جي غلام ٿيڻ جو انديشو رهندو. چاڪاڻ ته انهيءَ ڪالهه کي بدشگوني سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ تباهه ٿي ويندو ۽ تخت ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاج لوڏي ۽ اڇي ويندا. ۽ جيڪڏهن هو مستحڪم ٿي بيهندو ته ٻوءِ
اٽين سمجهيو ويندو ته هن بد ارواحن تي فتح حاصل ڪئي. تنهن کان
سواءِ، ڪيس گهٽ ۽ گهٽ ظاهري طور، هي رعايت ٻ هوندي آهي
ته انهن ٽن ڏينهن اندر جيڪو ٻ جهاز بندرگاه ۽ لنگر انداز ٿيندو،
تنهن کي هو ضبط ڪري سندس سڄو مال ۽ اسباب کڻي سگهي
ٿو، تنهن سان گڏ هن کي اهو ٻ حق هوندو آهي ته اها رسم
ڪاميابيءَ سان پوري ڪرڻ کان پوءِ، جنهن وقت هو شهر ۽ داخل
ٿئي، تنهن وقت هو جيڪو ٻ دڪان کليل ڏسي، تنهنجي سڄي
مال سان جيڪي شيون ڪيس وٺن، سي اتان کڻي وڃي."

سڀاڻ جي "ٽيپ - بادشاه" جون اهي رعايتون ۽ اختيارين
اٽويهين صديءَ جي وچ، ۽ ان کان ٻ پوءِ واري دؤر تائين، قائم
رهيون. سابق تعليم يافته بادشاه جي دور حڪومت ۽، هن
عجيب و غريب شخصيت جي شان و شوڪت ۽ ڪجهه قدر ڪمي
آندي ويئي، ۽ ڪيس سندس عهدي جي ذميدارين کان آجو ڪيو
ويو. اڄ ٻ هو اڳئين زماني وانگر برهمڻ کي نوي ڦوٽ ڊگهن
لڪڙن جي وڇ ۾ ڪلابازيون کائيندي جاچيندو
آهي. ۽، هينئر ڪيس ايڏي ڏس بدران ويهڻ جي اجازت آهي ۽
جيتوڻيڪ اڄ ٻ عام راءِ منجهانئس اهائي آميد رکندي آهي ته هو
ويڙهي، ويڙهي سڄي تقريب جي دوران ۽ پنهنجو ساڄو پير ڏاڙي
گوڏي جي مٿان رکي، ته ٻ جيڪڏهن هو ٽڪاوٽ سبب پير
کڻي هڏلائيندو ته ڪيس قانوني طور ڪا سزا نه ملندي، حالانڪ
سندس انهيءَ حرڪت سبب عام ماڻهو ڪيس چڱين نظرين سان نه
ڏسندا. انهيءَ تقريب ۽ اڳ کي اهڙيون ڳالهيون اڄ ٻ نظر
اچن ٿيون، جن سان مشرق تي مغربي تهذيب ۽ نظرين جو غلبو
ظاهر ٿئي ٿو. تماشي گاه ڈانهن ويندڙ سڀ شاهراه گاڏين سان
ڀريا پيا هوندا آهن، ٻجليءَ ۽ ٽيليفون جا ٿيڀا، جي منتظر تماشاين
جي هجوم، جي وچان سر ڪنيو ٻيا هوندا آهن ٻ تن تي تماشائي
پوڙهن وانگر چنبڙيا پيا هوندا آهن، سان ئي سان، هڪ طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻيءَ طرز جي هڪ پٽنبر مان، جنهن جا وڇائيندڙ سرخ ۽ پيلي رنگ جي پيڪيدار ڪپڙن ۽ ملبوس هوندا آهن، دهلن ۽ شرنائين جا آواز نڪرندا رهندا آهن، تہ ٻئي طرف ٻرين آگهاڙا سپاهي هڪ ٻئي سان قدم ملائيندا، جديد قسم جي پٽنبر تي "مارچنگ ٽرو جارجيا" جو سُر آلاپيندا، نهايت ڏڙتيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن هلندا نظر ايندا آهن.

سال جي ڇهين مهيني جي ٻارين ڏينهن تي، جنهن کي سال جو آغاز سمجهيو ويندو هو، سمرقند جو بادشاه ۽ سندس رعيت جا ماڻهو نوان ڪپڑا پائيندا هئا ۽ مٽي جي وارن ۽ ڏاڑهيءَ جي سنوارت ڪرائيندا هئا. ان ڪان پوءِ اهي راجڌانيءَ جي پاسي واري ٻيلي ۾ ويندا هئا، جتي اهي سٽن ڏينهن تائين گهوڙن تي سوار ٿي، تيراندازي ڪندا رهندا هئا. آخرين ڏينهن تي اهي هڪ سونو سکو نشان طور رکندا هئا، ۽ جيڪو به ان کي تير هڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو، تنهن کي هڪ ڏينهن لاءِ بادشاه ٿيڻ جو حق ملندو هو. بالائي مصر ۾ شمسي سال جي ٻارين ڏينهن، يعني ڏهين سيپٽمبر تي، جڏهن ابل درياه جو پاڻي عام طرح ٻنهنجي اوج تي هوندو آهي، تڏهن دستوري حڪومت کي ٽن ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويندو آهي ۽ هرهڪ شهر ٻنهنجو ٻنهنجو حڪمران منتخب ڪندو آهي. اهو عارضي حاڪم مسخرن جهڙي ڏکهي ٽوپي مٿي ۽ وجهندو آهي ۽ سٽيءَ جي سنگ مان ڏاڑهي ٺاهي ٻڌندو آهي. جسم تي عجيب و غريب قسم جو لباس ٻهريندو آهي. هٿ ۾ بادشاهي اختياريءَ جي لڪڙي ڪٽي، ماڻهن جي هجوم جي وچ ۾، جيڪي منشين ۽ جلادن وغيره جي پوشاڪن ۾ ملبوس هوندا آهن، هو صوبي جي حاڪم جي رهائش گاه ڏانهن ويندو آهي. اهو صوبائي حاڪم پاڻ کي تخت تان لاهي ڏيندو آهي، ۽ نقلي بادشاه سندس تخت تي چڙهي، دربار منعقد ڪندو آهي ۽ اتي جيڪي حڪم جاري ڪندو آهي، تن جي تعميل لاءِ گورنر ۽ ان جا سڀ ماتحت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهديدار بڏل هوندا آهن. ٽن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ نقلي بادشاه کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي. جنهن صندوق يا قالب ۾ ان کي بند ڪيو ويندو آهي، تنهن کي ٻاهه جي شعلن جي نذر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي رک مان نقلي بادشاه باهر نڪري نروار ٿيندو آهي. اها رسم قديم زماني جي انهيءَ دستور ڏانهن اشارو ڪري رهي آهي، جنهن موجب اصلي بادشاه کي حڪومت ۽ ساڻيو ويندو هو. پوءِ ٻيا ۽ بادشاه جي پائڻ کي جلايو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته شاهي رت وهائڻ، خلاف قانون فعل سمجهيو ويندو هو.

مراقش ۾ فيض شهر جي مسلمان شاگردن کي پنهنجي بادشاه چونڊڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، آهو بادشاه ٻن ٽن هفتن تائين حڪومت ڪندو آهي ۽ ڪيس "سلطان الطلبا" جو خطاب ڏنو ويندو آهي. اها عارضي اختياري عام نيلام ڪئي ويندي آهي ۽ وڏي ۾ وڏي واڪ ڏيندڙ کي عطا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ عهدي سان ڪي حقيقي رعايتون به شامل هونديون آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ ته انهيءَ ماڻهوءَ کي حڪومت جي عرصي تائين سڀني ڏڻ کان مستثنيٰ ڪيو ويندو آهي، ۽ ٻيو ته ان کي حقيقي سلطان کان ڪنهن احسان طلب ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو آهي. هن جي درخواست کي گهٽو ڪري رد ڪرڻ ڪيو ويندو آهي، جا عام طرح سان ڪنهن نه ڪنهن قيديءَ جي آزاديءَ ۽ معافيءَ متعلق هوندي آهي. ازانسواءِ انهيءَ شاگرد- سلطان جا دوست ۽ عيوضي دڪاندارن ۽ گهرن جي مالڪن تي عجيب و غريب چرچي ۽ ٻوڪ واريون ۽ من گهڙت تهمتون مڙهي، مٿن ڏنڊ وجهندا آهن. انهيءَ عارضي سلطان کي حقيقي درٻار جهڙي شان و شوڪت ۽ دٻدٻي سان نوازيو ويندو آهي، ۽ هو دهلن، باجن ۽ وڏي شور و غوغا سان شهر جي رستن ۽ گهٽين مان جلوس جي صورت ۾ ڦرندو آهي ۽ سڄو وقت سندس مٿان شاهي ڇٽي جهلي ويندي آهي. انهن نام نهاد ڏنڊن ۽ رضاڪارانه نذرانن جي رقمن مان، جن ۾ سلطان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪافي رقم ۽ سيڏو سامان ملائيندو آهي، شاگرد هڪ عاليشان ۽ شاندار دعوت جو انتظام ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن هو خوب مزا ڪندا آهن ۽ سڄو ڏينهن راندين روندين ۽ کيل تماشن ۾ گذارينداَ آهن. پهرين ستن ڏينهن تائين اهو نقلي سلطان ڪاليج ۾ رهندو آهي، جنهن کان پوءِ هو شهر کان اڪل هڪ ميل ٻاهر درياه جي ڪناري تي چانوڻي هٺندو آهي، جتي سندس هم جماعتي شاگرد ۽ ڪيئي شهري ساٿس گڏ رهنداَ آهن. چانوڻيءَ ۾ رهڻ کان ست ڏينهن پوءِ، اصلي سلطان وٽس ويندو آهي ۽ جيڪا ٻ سندس درخواست هوندي آهي، سا منظور ڪندو آهي. ان کان پوءِ هو ڪيس وڌيڪ ستن ڏينهن لاءِ حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي، جنهنڪري اهو سلطان‌الطلبا گهٽو ڪري، ڪل ڏڻ هفتن تائين حڪومت هلائيندو آهي، ۽ پوڻ ستن ڏينهن مان جڏهن ڇهه ڏينهن گذري ويندا آهن، تڏهن اهو نقلي سلطان راتو رات شهر ڏانهن پڇي ويندو آهي. نقلي سلطنت جو اهو دور عموماً بهار جي شروعات، يعني اپريل جي اوائل ۾ شروع ٿيندو آهي، انهيءَ رسم جو بنياد، چون ٿا ته هيٺن ٻيو: سنه۱۶۶۳-۱۶۶۵ع ۾ جڏهن مراڪش جو سلطان مولائي رشيد ثاني پنهنجي تخت تي قبضي ڪرڻ لاءِ جنگ جوڙي رهيو هو، تڏهن 'تازا' شهر ۾ هڪ يهودي شاهي اختيارات ڦهائي تخت تي قبضو ڪيو. ۽ انهيءَ بغاوت کي شاگردن جي مدد سان جلد ئي دٻايو ويو، جن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب و غريب چالاڪيءَ کان ڪم ورتو. انهن مان چاليهن ڇٽن ٻاڻ کي صندوقن ۾ بند ڪرائي، انهن صندوقن کي سوغاتن طور يهودي غاصب ڏانهن موڪليو. اڌ رات جو جڏهن يهودي انهن صندوقن جي وچ ۾ ستو پيو هو، تڏهن هي جوڌا جوان خاموشيءَ سان صندوق جا ڍڪ مٿي ڪري ٻاهر نڪتا ۽ غاصب يهوديءَ کي قتل ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڪارروائيءَ ختم ڪرڻ کان پوءِ هنن اصلي سلطان جي تالي ۾ شهر تي قبضو ڪيو، جنهن جي عيوض ۾ سلطان، پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احسانمنديءَ جي اظهار ڪري ، شاگردن کي اجازت ڏني ته هو هر سال ٻاڻ منجهان هڪ عارضي سلطان منتخب ڪن. انهيءَ ڳالهه مان، جا هڪ قديم رسم جي بيخ و بنياد ۽ اصل مقصد سمجهائڻ لاءِ پيش ڪئي ويئي آهي، تنهن مان هڪ ڏندڪتا جي ٻوءِ اچي رهي آهي. دراصل ، ان جو بنياد ۽ اصل مقصد گهٽو زمانو ٿيو ته فراموش ٿي چڪو آهي.

ڪارنوال صوبي جي "لاسٽوئيٿل" شهر ۾ فقط هڪ ڏينهن جي عارضي بادشاه منتخب ڪرڻ جي رسم هر سال، ويندي سورهين صدي عيسويءَ تائين، ادا ٿيندي آئي. "لٽل ايسٽر سنڈي" ڏينهن شهر ۾ قلعي جا سڀ آزاد باشندا ٻاڻ، يا پنهنجن نمائندن ذريعي هڪ هنڌ ڪٺا ٿيندا هئا. منجهائن هڪ ڇٽو، جنهن جي ناالي ٿي ٻُڪو نڪرندو هو، بهترين ڪپڙن ۾ ملبوس ٿي، گهوڙي تي سوار ٿي، تاج پهري ۽ هٿ ۾ شاهي ڏنڊو کڻي، شهر جي مکيه بازار وچان جلوس جي صورت ۾ ديول ڏانهن ويندو هو. سندس جلوس جي اڳيان هڪ ڇٽو اگهاڑي تراز کڻي هلندو هو. جيڪي ۽ ماڻهو انهيءَ جلوس ۾ شريڪ هوندا هئا، سي سڀ ڏاڍي ادب ۽ احترام سان هلندا هئا. ديول جي دروازي تي پادري، پنهنجي بهترين جبي ۽ ملبوس ٿي، جلوس جي اچڻ جو منتظر بيٺو هوندو هو. ان جي پهچڻ تي، هو عارضي بادشاه کي هٿ کان ولي قربانگاه ڏانهن ڏيندو هو، جتي هو کيس نصيحت ڪندو هو. ديول مان فارغ ٿيڻ بعد، هو ساڳئي ڊڊهي مان هڪ مخصوص جاءِ ڏانهن ويندو هو، جا سندس استقبال لاءِ خاص طور سينگاري ويندي هئي. اتي، هُن لاءِ هڪ شاندار دعوت جو انتظام ڪيل هوندو هو. 'بادشاه' کي طعام واري ميز جي سيري تي ويهاريو ويندو هو ۽ جيئن هڪ شهزادي جي شايان شان هوندو آهي ، سڀ خدمتگار گوڏن ڀر ٻيهي سندس خدمت ڪندا هئا. رات جي مانيءَ کان پوءِ اها تقريب ختم ٿيندي هئي، جنهن کان پوءِ هر ڪوئي ڪلندو، خوش ٿيندو ۽ ڪائيندو پنهنجي، پنهنجي گهر هليو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن، ڪڏهن اهو عارضي بادشاه هر سال نئين حڪومت جي شروعات وقت، هڪ ئي دفعو، هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويهندو آهي. چنانچه، سوماترا جي "جامبي" بادشاهيءَ ۾ هي رواج آهي ته نئين حڪومت جي شروع ٿيڻ تي عوام جو هڪ ماڻهو فقط هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويهندو آهي، ۽ سڀ شاهي اختيارين هلائيندو آهي. انهيءَ رسم جو بنياد هيءَ روايت ٻڌائي سمجهايو ويندو آهي ته ڪنهن زماني ۾ ڪي پنج شهزادا ڀائر هئا، جن مان ڇٽن وڏن ڀائرن ڪنهن نه ڪنهن جسماني اوڻائيءَ هٿ سبب تخت تي ويهڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو حق ننڍڙي ننڍڙن، ۽ سڀني کان ننڍي ڀاءُ لاءِ ڇڏي ڏنو، ۽ سڀني کان وڏو ڀاءُ هڪ ڏينهن لاءِ تخت تي ويٺو ۽ هن، اهڙو ساڻيهو ٿي حق، ننڍڙي مرڻ ۾ ڇاڻا، ننڍڙن ٻارن ۽ وارثن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو، جو ڪين هر نئين تخت نشينيءَ جي موقعي تي ماڻهو ڏٺو وڃندو هو. چنانچ، عارضي بادشاهيءَ جو عهدو هڪ اهڙي خاندان ۾ موروثي هلندو آيو آهي، جو شاهي خاندان سان واسطو آهي. بلاسپور ۾ وري هي رواج ٿو معلوم ٿئي ته راجا جي مرڻ تي، درباري برهمڻ مثل راجا جي هٿ تي ڪيرٽي رکي ڪائيندو آهي، ۽ ان کان پوءِ هو هڪ سال لاءِ سنڌس تخت تي ويهندو آهي. سال گذرڻ کان پوءِ برهمڻ کي سوڪڙيون، يا ڪڙيون ملنديون آهن ۽ ڪيس ملڪ مان نيڪالي ڏيئي، سخت چٽاءُ ڏنو ويندو آهي ته هو وري انهيءَ ملڪ ۾ واپس اچڻ جي همت نه ڪري. "انهيءَ رسم جو مقصد بظاهر ائين ٻڌو معلوم ٿئي ته راجا جو روح برهمڻ ۾ گهڙي ويندو آهي، جنهن کي سنڌس ٻڌائن ۽ مرده هٽ مان ڪيرٽي ڪائڻي پوندي آهي. ان ڪري ئي برهمڻ تي سڄي سال تائين اک رکي ويندي آهي ۽ ڪيس فرار ٿيڻ جو موقعو نه ڏنو ويندو آهي." ڪانگڑا جي آسپاس جيڪي ٻاڙي رياستون آهن، تن ۾ به اهائي، يا انهيءَ جهڙي رسم موجود نظر اچي ٿي. آنهيءَ برهمڻ کي، جيڪو بادشاه جي نمائندگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو آهي. جلاوطن ڪرڻ، شاهد بادشاه ڪي ماري ڇڏڻ جي رواج جو نعم‌البدل آهي. ڪارنٽيا جي شهزادي جي تخت نشينيءَ وقت هڪ ڪڙمي، جنهن جي خاندان ۾ اهو ڪم موروثي هوندو هو، سنگمرمر جي هڪ پٿر تي چڙهي ويٺندو هو، جو هڪ وڏيءَ ماڻري ۾ ساڻن ٻنهن جي وچ ۾ ڪٽل هوندو هو. سندس ساهي طرف ڪاري رنگ جي ڪانڪهاري ڪٻوتر، ۽ ڏاڻي طرف هڪ بدصورت ڏيري گهوڙي ٻيهاري ويندي هئي. ڪوناڻن جو هجوم سندس چوڌاري ڪٺو ٿي ويندو هو. ان ڪان پوءِ مستقبل جو بادشاه ڪڙميءَ جو لباس ٻهري، هٿ ۾ ريڍارن واري لٺ کڻي، درٻارين ۽ منجيٺڻن جي جهرمٽ ۾، ڪڙميءَ ڏانهن ايندو هو. ڪڙمي ان کي ڏسي، واکو ڪري پڇندو هو ته "اهو ڪير آهي، جنهن کي آءٌ اهڙي فخر سان پاڻ ڏانهن ايندو ڏسان ٿو؟" ماڻهو چوندا هئا "ملڪ جو شهزادو". ڪڙميءَ کي پوءِ دم ڏلاسا ڏيئي، سنگمرمر جي پٿر واري جاءِ شهزادي جي حق ۾ ڇڏڻ لاءِ آماده ڪيو ويندو هو، جو هن شرط تي پٿر تان هيٺ لهندو هو ته ڪيس سٽ ٻڌس، ۽ سندس پاسن کان ٻڌل ڪٻوتر ۽ گهوڙي ڏيئون وڃن ۽ انهن سان گڏ ڪيس سڀني محصولن ۽ ڀرڻ کان معافي ملي. ۽ پٿر تان پير لاهڻ کان اڳ ۾، هو شهزادي جي ڪل تي ملڪي ڇٽ هٽي ڪيندو هو.

شهادتن جي ٻيءَ شاخ ڏانهن متوجه ٿيڻ کان اڳ ۾، انهن عارضي بادشاهن جي متعلق ڪي نڪتا خاص طور قابل غور معلوم ٿين ٿا. سڀ کان اول، سيام ۾ ڪٽمبوڊيا وارا مثال صاف طرح ڏيکارين ٿا ته بادشاهن جا قلط ديوتائي، ۽ جادوءَ سان واسطو رکندڙ اختيار عارضي عيوضين کي منتقل ڪيا ويندا آهن، ۽ ته. ڪي ٻيا. اها حقيقت هن اعتقاد سان واضح ٿي رهي آهي ته پنهنجو پير زمين کان مٿي ڪري جهلڻ سان، سيام جو عارضي بادشاه بد ارواحن تي فتح حاصل ڪندو هو، ۽ ان جي برعڪس، جيڪڏهن ٻنڊس پير هيٺ ڪري، زمين تي لڳو ته پوءِ ٻڌيءَ حڪومت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وجود خطري ۾ پئجي ويندو. وري، ڪنهن ديا وارن جي "چانوڙن جي ڇاڙ" کي لتاڙڻ ۽ سيام وارن جي هر هٽ، ۽ بج ڇڻ جي افتتاح ڪرڻ جي رسم، پلي فصل حاصل ڪرڻ جا ٽوٽا، ڦيٽا آهن، جيئن هاٿيءَ جي لتاڙيل چانورن، ۽ چڪيل بج کي گهر ڪٽي وڃڻ جي اعتقاد مان ظاهر ٿي رهيو آهي. تنهن کان سواءِ، جڏهن بادشاه جو سياسي نمائندو هر ڪاهي رهيو هوندو آهي، تڏهن حاضرين کيس تمام گهٽي توجه سان جاچيندا رهندا آهن، ته هن لاءِ ته هو اوڙ سڙي ڪيي رهيو آهي، يا، ۽ محض سندس ننگ جي انهيءَ هنڌ کي ڏسڻ جا منتظر هوندا آهن، جتي سندس ريشمي جبي جو دامن کيس ڇهندو آهي، ڇاڪاڻ ته ايندڙ موسم ۾ آب و هوا ۽ فصلن جي حالات جو سڄو سارو دارومدار انهيءَ ڪالهه تي سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن "آسماني فوجن جو مالڪ" پنهنجي جبي کي گوڏن کان مٿيرو جهليندو آهي، ته ماڻهو ائين سمجهندا آهن، ته موسم برساتي ٿيندي ۽ لاهن ۾ زوردار مينهن وسي، فصلن کي سڙي، چٽ ڪري ڇڏيندا، ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي جبي کي سُري تائين لٽڪيل ڇڏيندو، ته موسم خشڪ ٿيندي. بادشاه جي لمائندي جي ذري برابر به حرڪت سان قدرتي نظام، ۽ ان سان گڏ عام ماڻهن جي خوشي، غم، اهڙي قريبي نموني سان ڳنڍيل سمجهيا ويندا آهن. ۽، فصلن کي جمائڻ جو فرض، جو اهڙيءَ طرح عارضي بادشاه کي سونپيو وڃي ٿو، سو جادوءَ سان واسطو رکندڙ فرضن مان هڪ آهي، جو وحشي معاشري ۾ باقاعده طور بادشاهن کي ادا ڪرڻو پوندو هو. نقلي بادشاه کي سارين جي پنيءَ ۾ اوچي صندل تي هڪ ننگ تي ويهڻ جو قاعدو، اوائلي دور ۾ شايد فصل کي وڌي ڪرڻ جو هڪ ٽوٽو معلوم ٿئي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ قديم "پرشين" لوڪ اهڙي ئي نوعيت جي جيڪا رسم ادا ڪندا هئا، تنهن جو مقصد اهو ئي هوندو هو. ڪوٽ ۾ جيڪا ڏکي ۽ ڏکي چوڪري هوندي هئي، سا هڪ جاه تي هڪ ٻئي تي ويهي، پنهنجي جهولي ڪڪڻ سان ڀري، ساڄي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ ۾ شراب جو پيالو، ۽ ڏائي ۾ "ايلر" ۽ جو چوڏو جهلي، "وئزگانٽوم" ديوتا کان دعا گهرندي هئي ته "فلڪس" جي پوٽن کي ايڏو ڏکيو ڪر، جيڏو هن وقت منهنجو قد ڏکيو نظر اچي ٿو. پوءِ، شراب جو پيالو ايءِ، هوءَ وري پيهر ان کي شراب سان ڀرائي، 'وئزگانٽوم' ديوتا جي نذر ڪرڻ لاءِ ڏرتيءَ تي هاريندي هئي ۽ ديوتا سان گڏ آيل روحن جي خاطرداري ڪرڻ لاءِ، هوءَ پنهنجي جهوليءَ وارا ڪيڪ ۽ زمين تي اڇلائي ڇڏيندي هئي. جيڪڏهن هوءَ انهيءَ سجيءَ تقريب جي دوران ۾ هڪ ڀيرَ تي بيهڻ ۾ ڪامياب ٿيندي هئي، تہ سمجهيو ويندو هو تہ فصل پلو ٿيندو، ۽ جي پير هيٺ ڪيرائي وڃهندي هئي، تہ پوءِ ماريل فصل جو اڌ ديشو ٿيندو هو. برهمڻن جو هوا ۾ جهولڻ ۽، چنهن کي "آسماني فوجن جي مالڪ" کي هڪ ڀير تي بيهي ڏسڻو پوندو هو، شايد اصل ۾ انهيءَ ساڳئي مقصد ۽ مفهوم جو حامل ٿو ڏسجي. ائين ٿو نظر اچي تہ انهن ماڻهن جو نسبتي يا نقالي جادوءَ جي اصولن جي بنياد تي هيءَ خيال هو تہ برهمڻ جيئن جيئن مٿيرو ڪڏندا ۽ جهولينداء تيئن تيئن ساريون وڏيڪ مقاهيون اسرنديون، چاڪاڻ تہ انهيءَ رسم کي لاباري جي تقريب سڏيو ويو آهي. روس ۾ رهندڙ "ليٽ" نسل جا لوڪ فصلن جي واڌ تي اثر وجهڻ جي خاص ارادي سان هوا ۾ جهولندا آهن. جوو وجي ٿو تہ بهار ۽ اوائلي اونهاري ۾، ايستر ۽ "سينٽ جان" جي ڏينهن جي درميان (اوتهاري جي وڏي ۾ وڏي ڏينهن تي) "ليٽ" نسل جو هر هڪ ڪڙي واندڪائيءَ جي وقت ۾ ڏاڍيءَ محنت ۽ شوق سان جهولڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، چاڪاڻ تہ هن جو اعتقاد آهي تہ هو جيترو زياده اوچو جهولينداء اوترو وڏيڪ ڏکيو سندس فصل نڪرندو.

مٿي ذڪر ڪيل حالتن ۾، عارضي بادشاه کي هڪ باقاعده رسم مطابق هر سال ٽئين سر مقرر ڪيو ويندو آهي، ۽ ان حالتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهو تقرر ڪنهن خاص هنگامي حالت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪ: بادشاه ڪي ڪنهن سڄي ٻڌي، يا محض خيالي شر ڪان محفوظ رکڻ لاءِ سندس عارضي نمائندو مقرر ڪرڻ، جو ٿوري وقت لاءِ حقيقي بادشاه ٻاران سندس تخت تي ويهي. ايران جي تاريخ ۾ اسان ڪي اهڙا گهٽا مثال ملن ٿا، جن ۾ "شاه" لاءِ وقتي طور نمائندا مقرر ڪيا ويا آهن. مثال طور شاه عباس اعظم ڪي سنه ۱۷۹۱ع ڌاري ڪنهن نجومي خبردار ڪيو تہ مٿس ڪا آفت نازل ٿيڻ واري آهي، جنهنڪري ان مصيبت کي ٽارڻ خاطر هو تخت تان دستبردار ٿيو ۽ عارضي طور، يوسفي نالي هڪ منڪر ڪي، جو غالباً عيسائي مذهب جو هوندو هو، تخت تي ويهاريو ويو. حڪم مطابق مٿين عيوضي جي تاجپوشي ڪئي ويئي ۽ جيڪڏهن ايراني تواريخ نويسن تي اعتبار ڪجي، هن ٽن ڏينهن لاءِ نہ فقط پنهنجي لاءِ شاهي نالو استعمال ڪيو، ۽ هن شاهي اختيارين ۽ هلايون ۽ حڪم احڪام به جاري ڪيا. ٽن ڏينهن جي انهيءَ عارضي بادشاهيءَ کان پوءِ ڪيس قتل ڪيو ويو. بادشاه جي سر مٿان جيڪا مصيبت لاماريڻي رهي هئي، سا سندس تارن جي گردش مطابق انهيءَ قرباني ڪري ٽري ويئي. عباس پوءِ پنهنجن نجومين جي صلاح و مشوري سان، سعيد ساعت ڏسي، وري تخت تي ويٺو ۽ سندس نجومين ان جي دراز عمريءَ ۽ خوش بختيءَ ۽ شاندار دور حڪومت جي پيشينگوئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوويهون

بادشاه جي پٽ جي قرباني

گذريل باب ۾ جن عارضي بادشاهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جي متعلق هڪ خاص ڳالهه، جا ڏيان تي اچي ٿي، سا هيءَ آهي ته آهي ٻن ملڪن (چڪمبوڊيا ۽ جاسبي) ۾ اهڙن خاندانن جا فرد هوندا آهن، جن کي شاهي گهراڻي جي قريب سمجهيو ويندو آهي. عارضي بادشاهن جي اصل بنياد جو اهو نظريو جيڪڏهن صحيح آهي، ته پوءِ اسان کي هيءَ ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي ته اهي 'عارضي بادشاه' ڪن حالتن ۾ اصلي بادشاهن جي نسل مان چو هوندا هئا. شروعات ۾ جڏهن بادشاه پنهنجي بچاءَ ٻئي ڪنهن جي حياتيءَ جي قرباني قبول ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوندو، تڏهن ڪيس اهو ثابت ڪرڻو پيو هوندو ته سندس نمائندي جو موت ۽ اهڙوئي ڪارگر ٿيندو ؟ ان جي ذريعي ۽ ساڳيوئي مقصد حاصل ٿيندو، جهڙو هوند سندس موت ذريعي ٿئي ها. هاڻي، اها حقيقت آهي ته بادشاه کي هڪ ديوتا يا نيم-ديوتا جي حيثيت ۾ مرڻو پوندو هو، ان ڪري جنهن عيوضيءَ کي بادشاه جي بدران پنهنجي قرباني ڏيڻي پوندي هئي، تنهن کي، ڪم از ڪم آن موقعي لاءِ، بادشاه جي سڀني ديوتائي خصلتن سان نوازڻ ضروري هو. جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، ڪمبوڊيا ۽ سيام جي عارضي بادشاهن جي بلڪل اها ئي حالت هوندي هئي. انهن کي اهي فوق الفطري خصلتون ڏيئون ويندیون هيون، جي معاشري جي اوائلي دور ۾ خود بادشاه جون هونديون هيون. ۽ بادشاه جي ديوتائي حيثيت جو بهتر عيوضي سندس پٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿي سگھيو ٿي، جنھن ۾ بادشاہ جي خاصيتن جو خاصو حصو موجود سمجھيو ويندو ھو. انڪري ٻيو ڪو شخص بادشاہ لاءِ ۽ سنڌس ذريعي، سچيءَ قوم لاءِ سنڌس ۾ ڪان وڌيڪ موزون طريقي سان ڪونہ مري سگھي ھا.

اسان ڏٺو آھي تہ 'آن' ۽ 'اون' ٻالي واري سيڊن جي بادشاہ ۾نھنجن نون ۾ن کي "اوڊن" ديوتا جي اپسلا واري آستاني تي ان لاءِ قربان ڪيو ھو تہ جيئن ھو ۾اڻ زنده رھي سگھي. ٻي نمبر ۾ت کي قربان ڪرڻ ڪان ٻوءِ ڪيس ديوتا وڻان غيبي آواز آيو تہ ھو تيتر جيڏو رھي سگھندو، جيتر ھو ھر نوين سال ۾نھنجن ۾ن مان ھڪ کي قربان ڪندو رھندو. جڏھن ھن ۾نھنجي ستين ۾ت جي قرباني ڏني، تڏھن ھو اڳڙو تہ ڪمزور ھو، جو ڪيس ڪرسيءَ تي ڪٽي وڃڻو پيو ھو. ان ڪان ٻوءِ ھن ۾نھنجو اون ۾ت ۾ قربان ڪيو ۽ نون سالن تائين ستري تي ليٽندي ليٽندي زندگي گذاريائين. تائين ۾ت جي صدقي ڏيڻ ڪان ٻوءِ ھو ٻاروتن ۾ ٻڏل ٻار وانگر سنگ مان ٻڌندو رھيو ۽ جڏھن وڌيڪ نون سالن جي گذرڻ ڪان ٻوءِ ھن ۾نھنجي ڏھين ۽ آخرين ۾ت جي قرباني ڏيڻ جو ارادو ڪيو، تڏھن سيڊن جي ماڻھن ڪيس ان ڪم لاءِ اجازت ڪانہ ڏني، جنھنڪري ھو مري ويو ۽ ڪيس اپسالا جي ھڪ آتاھين ڊير تي دفن ڪيو ويو.

ائين ٻيو معلوم ٿئي تہ قديم يونان ۾، ڪم از ڪم ھڪ اڳڙو پراڻو شاھي خاندان ٿي گذريو آھي، جنھن جي ھر وڏي ۾ت کي سنڌس ايءَ ۽ آڪاجي:رھن واري ڪمري ۾ قربان ڪيو ويندو ھو. جڏھن زورس بادشاہ ۾نھنجي بيشمار ۽ جڙي لشڪر سان گڏ ٽيسلي رياست ۾ار ڪري ۾نھنجن آسپاڙن دشمنن تي ڙسوپائليءَ وٽ حملي ڪرڻ لاءِ ويھي رھيو ھو، تڏھن ھو ائٿس شھر ۾ اچي وارد ٿيو، جتي ڪيس لٿسشيٽن زيئس جو آستانو ۽ ڏيکاريو ويو، جنھن جي متعلق سنڌس رھبرن ڪيس ھڪ عجيب قصو ٻڌايو، جو قريبا ھن طرح ھو: ھڪ دفع جو ذڪر آھي تہ انھيءَ ملڪ جي ھڪ بادشاہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو نالو 'اڪاسس' هو، تنهن 'ليفيل' نالي هڪ عورت سان شادي ڪئي، جنهن سان ڪيس 'فيرڪسس' نالي پٽ ۽ 'هيلي' نالي هڪ ڌيءَ ڄائي. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن وري "آئنو" نالي هڪ ٻي عورت سان شادي رچائي، جنهن سان ڪيس 'ليٿرجنس' ۽ 'سيلي سرڪس' نالي ٻه پٽ ٽياء. پوئين زال پنهنجيءَ پهاڻ جي ٻن ٻارن، فرڪسس ۽ هيليءَ کي ڪاڻ سهندي هئي ۽ هن کين مارڻ جو منصوبو بنايو ۽ پنهنجي انهيءَ بد ارادي جي تڪميل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيءَ هوشياريءَ کان ڪم ورتو. سڀ کان اول هن پنهنجي ملڪ جي سڀني عورتن کي هن گاله لاءِ آماده ڪيو تہ آهي اناج جي بج کي زمين ۾ وجهڻ کان اڳ خفيہ طور خوب پچائين، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي سال فصل کوڙ ٿيو ۽ ملڪ ۾ قحط ٻيو، جنهن ۾ ڪيئي ماڻهو مري ويا. ان کان پوءِ بادشاه پنهنجن ڪن ماڻهن کي "ديلفيءَ" جي غيبي آواز وٺڻ ڏکار جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ اوڏانهن اماڻيو. بدڪار مائيليءَ ماڻ قاصدن کي رشوت ڏيئي سمجهايو تہ هو واپس وڃي بادشاه کي ٻڌائن تہ غيبي آواز جو اهو حڪم آهي تہ جيسين سندس ٻهرين زال جا ٻار "زيئس" ديوتا اڳيان قربان نہ ڪيا ويندا، تيسين ملڪ قحط سالي جي مصيبت کان نجات حاصل ڪونہ ڪري سگهندو. "اڪاسس" بادشاه اهو جواب ٻڌي پنهنجن پنهي ٻارن کي گهرايو، جي ان وقت ريڍن جي ڏڻ سان هٿ ۾ سونهري ڪل واري هڪڙي گهيٽي پنهنجي زبان کولي، ٻارن کي ان خطري کان آگاه ڪيو، جنهن ڪري انهن پنهي ڇڻن انهيءَ ٽي گهيٽي تي سوار ٿي، بري ۽ بحري سفر اختيار ڪيو. اتفاق سان جنهن وقت هو سمنڊ مٿان اڏامي رهيا هئا، تنهن وقت ڇوڪري گهيٽي جي ٻنيءَ تان ٽرڪي، هيٺ ڪري ٻيٽي ۽ سمنڊ ۾ ٻڏي مئي. فرڪسس بچي ويو ۽ ڪولچز جي ملڪ ۾ اچي پهتو، جتي سورج ديوتا جو پٽ حڪومت ملائيندو هو. فرڪسس اتي بادشاه جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن کيس "سائٽي سورس" نالي هڪ پٽ ڄڻي ڏنو. اتي هن اهو سونهرو گهيٽو، ٻاج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا، زيئس، جي حضور ۾ قربان ڪيو، ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته هن ان گهوڙي کي لئفسشين زيئس اڳيان قربان ڪيو۽ سونهري ڪل ٻڌندڙ زال جي ٻڌڻ کي ڏنائين، جنهن ان کي "آئرس" جي ٻاڪ آستاني ۾ ٻڌل شاه بلوط جي هڪ وڻ ۾ ميخ سان ڪوڙي ڇڏيو. اٿينيءَ وچ ۾ اڻاس بادشاه جي ملڪ ۾ هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن ڪٿي ته ملڪ کي مصيبت کان نجات ڏيارڻ لاءِ خود بادشاه کي قربان ڪيو وڃي. چنانچه، اتان جا ماڻهو ٻڌندڙ بادشاه کي گلن جا هار وجهي، قربانگاهه ڏانهن وٺي ويا، جتي کيس قربان ڪرڻ ئي هئا، ته کيس سندس پوٽي، سائٽي سورس، جو اوچتو ڪولچز مان آيو هو، عين وقت تي اچي بچايو، يا هرڪيولس، جو ان وقت بادشاه جي ٻٽ فرڪسس جي اچاتائين زنده هئڻ جي خوشخبري ڪٽي آيو هو، تنهن اچي بچايس. اهڙيءَ طرح اڻاس بادشاه بچي ويو، ۽ بعد ۾ هو پاڻ ئي ٻيو ۽ هن ٻڌندڙ ٻٽ، ليڊرچس کي ڪو جهنگلي جانور سمجهي، کيس ماري وڌو. ان کان پوءِ هن ٻڌندڙ باقي بچيل ٻٽ، "مولي سرٽس" کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان کي سندس زال آٿنو بچائي ورتو ۽ ٻٽ کي ماڻ ڪري اتان ڀڄي نڪتي، ۽ پوءِ ان کي ٻاڪر ۾ جهلي، دور، جبل جي هڪ اوچي چوٽيءَ تان ٻڌي، سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. ماڻ ۽ ٻٽ، ٻئي سامونڊي ديوتائن ۾ تبديل ڪيا ويا ۽ ٻٽ کي ٽينيڊوز ٻيٽ ۾ وڏي عزت حاصل ٿي. بعد ۾ معصوم ٻار سندس نالي قربان ڪيا ويندا هئا. زال ۽ ٻارن کان اهڙيءَ طرح محروم ٿيڻ کان پوءِ، بد نصيب اڻاس ٻڌندڙ ملڪ ڇڏيو ۽ غيبي آواز کان دريافت ڪيائين ته هاڻي هو ڪٿي رهي. کيس آگاه ڪيو ويو ته، جتي به جهنگلي درنده سندس آجيان ۽ آدرياڻ ڪن، اتي کيس سکولت اختيار ڪرڻ گهرجي. اتفاق سان هو بگهڙن جي هڪ اهڙي ٽولي جي مٿان وڃي ٻوڙ، جي وڏن کي چيري ڦاڙي ڇڙڪائي رهيا هئا. هن کي ڏسنديئي، بگهڙ پڄي ويا ۽ ٻڌندڙ شڪار جي رت سان پريل بچت اڻاس لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي ويا ۽ اهڙي نموني سان غيبي آواز جي پيشينگوئي پوري ٿي. ۽ جيئن ته اڳاسس بادشاه کي سڄي ملڪ جي گناهن جي پاداش ۾ قربان ڪرڻ ڪيو ويو هو، ان ڪري ديوتائن طرفان حڪم ڪيو ويو ته سندس خاندان جي هر نسل جي وڏي ٻار کي، پشت پشت، ۽ بنان ناغي جي، ان وقت قربان ڪيو وڃي، جڏهن هو ٽائون هال ۾ قدم ڏري، جتي اڳاسس جي گهرن مان هڪ جي طرفان، لئفسٽين زيئس ديوتا کي قرباني ڏيڻ ۾ ايندي هئي. زرزيس چوي ٿو ته انهيءَ انجام کان بچڻ خاطر، الهيءَ خاندان جا ڪيئي فرد غير ملڪن ڏانهن فرار ٿي ويا هئا. ۽ انهن مان کي گهٽي عرصي پڄاڻا وري موٽي آيا هئا ۽ ٽائون هال ۾ گهڙندي، جڏهن کين محافظن پڪڙي وڏو، تڏهن کين گلن جا هار پارائي، ڏاڍي شان ۽ مان سان جلوس جي صورت ۾ گهمائي، آخرڪار قربان ڪيو ويو. اهڙن واقعن جا مثال ڏاڍا مشهور هئا، جيتوڻيڪ اهي بار بار ڪونه ٿيندا هئا. چو ته هڪ گفتگوءَ جو ليکڪ، جو افلاطون چيو وڃي ٿو، ڪارٽيگينيس جي انساني قربانين جو ذڪر ڪري، وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته يونانين ۽ ۽ اهڙيون ڪارروايون عام جام هوندڙيون هيون. هو ڏاڍيءَ نفرت جوڳي ۽ دهشت زده نموني سان ٻڌائي ٿو ته لائيڪائيس جبل تي اڳاسس بادشاه جا پوئان ڏاڍي ظالمائي ڍنگ سان انساني ٻل چاڙهيندا هئا.

اسان جي هن شڪ کي، ته پوين دورن ۾ ۽ اها وحشي رسم ترڪ ڪائڻ ڪئي ويئي هئي، انساني قرباني ڏيڻ جي هڪ اهڙي مثال سان تقويت ملي رهي آهي، جا پلوٽارچ جي زماني ۾ "بوئيوشا" جي هڪ قديم شهر، "اورچومينس" ۾ ڏني ويئي هئي، جو انهيءَ تواريخ نويس جي پيدائشي شهر کان ڪي ٽورا ئي ميل پريرو هو. انهيءَ شهر ۾ هڪ اهڙو خاندان رهندو هو، جهن جي مردن کي "پسولوئيس" يا "دونها ڪيل" ۽ عورتن کي "اولمپيا" يا "ناس ڪندڙ" جي نالن سان سڏيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر سال "انگريٿونا" جي ميلي ٿي، "ڊيٿونيسس" جو پوجاري اکاڙي تي رات هٿ ۽ ڪٿي، انهن عورتن جي پٽيان پوندو هو، ۽ منجهائن جنهن کي ٻ پکڙي وجهندو هو، تنهن کي کيس قتل ڪرڻ جو حق حاصل ٿيندو هو. "پلوٽارچ" جي زماني ۽ ٻ، "زوئيلس" نالي هڪ پوجاريءَ پنهنجو اهو حق سچ پچ استعمال ڪيو هو. اهو خاندان، جنهن کي گهٽ ۽ گهٽ سال ۾ هڪ دفعو پنهنجو هڪ پاڻي قربانيءَ لاءِ پيش ڪرڻو پوندو هو، سو شاهي نسل جو هو، چاڪاڻ ته انهيءَ خاندان جا مائهو پنهنجو شجرو "اورڪومينس" جي قديم بادشاهه "مينياس" سان وڃي ملائيندا هئا. مينياس جي دولت، چوندا آهن ته، اڃا هم ۾ ٻي پايان هئي ۽ ان جي شاهي خزاني جي عمارت جا ڦٽل نشان اڄ ٻ ان جاءِ تي ٻئل نظر اچن ٿا، جتي "اورڪومينس" ڪرين جي ڏکڻي سلسلي جون آخرين پهاڙيون 'ڪوپائڪ' ميدان ۽ ملي زمين جي سطح ٻان هڪ ٿي وڃن ٿيون. هيءَ روايت مشهور هئي ته ان ملڪ جون عورتون شراب پي، ڪچيءَ ۽ گان جا هار وڌي، مستيءَ ۽ جبلن ۽ ميدانن ۽ رلنديون ۽ گهمنديون وتنديون هيون، جنهنڪري بادشاه جون ٽي ڌيئر، جي سڄو وقت محلات جي خلوت ۽ جرخو هلائيندڙيون، ۽ ست ڪتيندڙيون رهنديون هيون، سي انهن کان سخت نفرت ڪنديون هيون. ۽ هڪ وقت اهڙو ۽ آيو، جڏهن ديوتائن جي غصي شهزادين کي سندن خلوت گاه ۽ ٻ ڏڏيو. هڪ دفعي شهزادين جي دل ۽ هيءَ عجيب تمنا اڇي پيدا ٿي، ته انساني گوشت تي آدم خورن وارن محفل رچائي وڃي. ٽنهي ڀينرن ٻڪا وڌا ته ان لاءِ کهڙي پنهنجو پٽ ڏئي. اتفاق سان شهزادي "ليوسائپيءَ" جي نالي ٻڪو نڪري ٻيو، جنهن پنهنجي پٽ، 'هيامس' کي قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو. ٽنهي ڀينرن مدهوشيءَ جي عالم ۽ ان بارڪي ڇيري ڦاڙي کاڌو. انهن گمراه عورتن جي بنياد مان "اوليٿا" ۽ "پولوئيس" پيدا ٿيا، جن مان مردن کي اهو تالو ان ڪري ڏنو ويو، جو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ماتر ۽ ڏک جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪارا ڪپڙا پائيندا هئا.

اورڪوينس ۽ شاهي خاندان جي ماڻهن مان انساني صدقي ونڻ جو رواج، وڏي اهميت وارو آهي، خاص طرح هن ڪري، جو اورڪوينس ۽ 'ميناس' بادشاه جي وقت کان ڪهڙو اڳي، خود اڳاس بادشاه حڪومت ڪندو هو ۽ چاڪاڻ ته شهر جي ٻاهران "لئفشين" نالي هڪ جبل آهي، جنهن تي، 'ٽسلي' جي 'اڳاس' جبل وانگر، 'لئفسشين زيئس' ديوتا جو آستانو ٻڌل هو جتي، هڪ روايت مطابق، اڳاس پنهنجن ٻن ٻارن فرڪسس ۽ هيلي جي قربان ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. اڳاس جي روايتن کي سنڌس ٻوين جي رسم سان مشابهت ڏيڻ سان اسان اهو انومان ڪڍي سگهون ٿا ته قديم زماني ۽ ٽسلي ۽ بوئيشيا ۽ هڪ اهڙو خاندان حڪومت ڪندو هو، جنهن جي بادشاهن کي رعيت جي پلائي خاطر لئفسشين زيئس ديوتا اڳيان قربان ڪيو ويندو هو، ۽ انهن اها موتمار ذميداري پنهنجن وڏن پٽن مٿان ڪڍي اڇلائي هئي. زماني جي گذرڻ سان انهي ظالمانه رسم کي ايتري قدر ته ڪمزور ٻڌايو ويو، جو شاهي خاندان جي فرد بدران هڪ ڪهيڙو قربان ڪيو ويندو هو، ۽ ان لاءِ اهو شرط ضرور هوندو هو ته جنهن وقت شاهي خاندان جو ڪو ٻاڻي ٽائون هال ۽ لئفسشين زيئس ديوتا اڳيان قرباني پيش ڪندو هو، ان وقت وڏي شهزادي کي ٽائون هال ۽ وڃڻ کان ٻرهيز ڪرڻي ٻوندي هئي. ۽ جيڪڏهن هو همت ڪري موت جي انهي مندر ۽ قدم رکندو هو، ۽ ٻاڻ کي چاڻي واڻي ديوتا جي ڏيان تي آڻيندو هو، جنهن مهرباني طور سنڌس جاءِ تي هڪ ڪهيڙي جي قرباني تي ڪڍي اک لاڙ ڪئي هئي، ته ٻوءِ سنڌس سر تي جيڪا قديم زماني جي ذميداري هئي، سا هڪدم پنهنجي پوري قوت سان مٿس عائد ٿي ويندي هئي ۽ اهڙي حالت ۽ ڪيس کابه ڪاڻهه موت کان محفوظ ته رکي سگهندي هئي. بادشاهه يا سنڌس اولاد مان ڪنهن هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي قربان ڪرڻ جي رسم کي هن اعتقاد سبب، جو قديم معاشري جي وحشين ۾ عام جام هوندو هو، تحط سالي ۽ سان هن طرح واسته ڪيو ويو هو ته آب و هوا ۽ برسات لاءِ بادشاه ئي ذميدار آهي ۽ انهن‌مان هڪ جي نرحميءَ، يا هٿي جي‌باقاعدگيءَ سان نه ٿيڻ ڪري، بادشاه کي پنهنجي جان جي قيمت ادا ڪرڻ گهرجي. اڳاسس جي خاندان، اهڙيءَ طرح، ديوتائي يا جادوي ڪمن کي شاهي منصبن سان ملايو آهي. اڳاسس جي پاڻ، سالمونيس، جا بعد ۾ ديوتا هٿ جي دعويٰ ڪئي هئي، تنهن سان ۽ اسان جي، انهيءَ انومان کي تقويت ملي رهي آهي. اسان ڏٺو آهي ته هيءَ گستاخ انسان خود زيئس ديوتا هٿ جي دعويٰ ڪندو هو ۽ وڄ ۽ گجگوڙ تي قبضو ۽ قدرت هٿ جو نقل ڪرڻ لاءِ هو دهل وڄائيندو، ۽ مشعلون ٻاراڻيندو هو. جيڪڏهن اسين الهيءَ مشابهت تي غور ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته هن جي مصنوعي گجگوڙ ۽ وڄ رعيت تي محض رعب وجهڻ جي ارادي سان ڪيو هوندي هئي، ۽ آسماني رحمت کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ شاهي جادوءَ جي هڪ جنتر جي حيثيت رکندي هئي، جنهن جو آڌا نقطا هڪ ڪمزور نقل هئي.

اولهه ايشيا جي سيمٽڪ بادشاهن ۾ ۽ ڪنهن وڏي خطري جي هنگامي حالت ۾ پنهنجي پياري پٽ کي سجيءَ قوم جي پلائيءَ خاطر مرڻ لاءِ پيش ڪرڻ جو هڪ قديم رواج هوندو هو. چنانچه ٻائبلس واري "فلو" يهودين جي ياري ۽ پنهنجيءَ هڪ تصنيف ۾ لکيو آهي ته "اها هڪ قديم رسم هئي ته شهر يا قوم جو حاڪم ڪنهن ۽ قومي مصيبت جي نازڪ وقت تي، غضبناڪ ديون ۽ بد روحن کي راضي ڪرڻ لاءِ سجيءَ رعايا جي ٻارن پنهنجي پٽ کي قرباني لاءِ ڏيندو هو. اڄڻ پڻ کي عجيب و غريب سالن سوڻن سان ماريو ويندو هو. چنانچه ان ڪري 'ڪروسس' جنهن کي فونيشين لوڪ خود اسرائيل چون ٿا، پنهنجي ملڪ جي بادشاه هٿ ڪري، پنهنجي هڪ ئي سڪيلڏي پٽ، جعد کي (جعد لفظ جي فونيشين اولي ۽ معني

ٿي سگيلڏو آهي) جنگ جي زماني ۾ شاهاڻو لباس پهرائي، قربانگاه تي پهچي قربان ڪرايو، چاڪاڻ تہ ان وقت سندس ملڪ هڪ طاقتور غنيم جي چڙهائيءَ سبب سخت خطري ۾ مبتلا هو. جڏهن سوئاب جي بادشاه تي اسرائيلي فوجن گهيرو ڪري، ڪيس سخت پريشان ڪيو، تڏهن هو پنهنجي وڏي ۽ وڏي بٽ ڪي، جو سندس مرڻ پڇاڙا سندس تخت و تاج جو مالڪ ٿئي ها، پاڻ سان گڏ سندر ڏانهن ولي ويو، جتي هن کيس جيئرو ساڙائي، ديوتا جي تقاضا پوري ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستاوڻون

روحاني ورثو

اسان جي هن نظريي تي، ته قديم زمانو جي وحشي قومن ۾ بادشاهن کي ٿوري عرصي کان پوءِ قتل ڪيو ويندو هو، هي اعتراض الي سگهي ٿو ته اهڙي رسم هڪ سبب ته شاهي خاندان آهستي آهستي ختم ٿي ويندو. انهيءَ اعتراض جو هيءَ جواب ٿي سگهي ٿو ته اوائلي دورن ۾ بادشاهي هڪ خاندان ۾ محدود ڪانه هوندي هئي، پر واري وٺيءَ سان مختلف خاندانن ۾ ڦرندي گهڙندي هئي، پوءِ ته اهو منصب ورثي ۾ ڪونه ملندو هو، پر اهو هر گهراڻي لاءِ، جتي ڪ اهڙن غيرملڪين لاءِ، ڪليل هوندو هو، جي ضروري شرط شروط، جهڙوڪ شاهي خاندان جي ڪنهن شهزادي سان شاديءَ ڪرڻ، يا بادشاه کي دوبدو مقابلي ۾ شڪست ڏيڻ، يا مارڻ، وغيره پورا ڪندا هئا. ايون ته انهيءَ رسم جي وجود سبب، جيتوڻيڪ شاهي خاندان جي ختم ٿيڻ جو اندیشو ڪٿي هجي، پر ان جي باوجود، اهو ڪو ضروري ناهي ته اهڙا ماڻهو، جي انساني زندگيءَ جو ايترو قدر ڪونه ڪندا هئا، يا جن ۾ مستقبل جي متعلق ايتريءَ حد تائين دوراندیشي ڪانه هوندي هئي، جيتري اڄ اسان ۾ آهي، سي مٿين خيالن جي اندیشن سبب ان تي عمل نه ڪندا هوندا. گهڻن ماڻهن وانگر ڪيترين قومن ۾، اهڙيون رسمون پٽي ادا ڪيون آهن، جن سندن وجود کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. "پولينيشيا" جا باشندا پنهنجي اولاد مان ۾ پاڳي لي حصي کي باقاعدگيءَ سان قتل ڪندا هئا. مشرقي آفريقا جي ڪيترن علائقن ۾ ۽ اطفال ڪشيءَ جو ايترو ئي تناسب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط ڪن خاص خصلتن وارن، يا ڪن خاص حالات ۾ جاهل ٻارن کي جيئرو چڊيو ويندو آهي. انگولا جي 'جاگا' نالي هڪ فانح قوم وارا ٻنهنجن سڀني ٻارن کي ان ڪري قتل ڪري چڊيندا آهن ته جيئن جنگ ۾ پيشقدمي ڪرڻ وقت عورتن کي وزن نه ڪٽڻو پوي. ٻنهنجي قوم جي ڪهڙيل تعداد کي پوري ڪرڻ لاءِ آهي جن ساٿين کي ڪهي ڪائي چڊيندا هئا، تن جي ٽهرهن ۽ چوڏهن سالن جي چمار وارن ٻڌن ۽ ڏيئرن کي گود ۾ وٺندا هئا ۽ انهن کي پالي ٻنهنجي قوم ۾ شامل ڪندا هئا. ڏکڻ آمريڪا جي 'مبايا' قبيلي وارن جون زالون انهيءَ ٻار کان سواءِ، جنهن کي اهي ٻنهنجو ڀهرون ٻار سمجهندڙ هيون، باقي ٻين سڀني ٻارن کي قتل ڪري چڊيندڙ هيون. انهن مان جيڪڏهن ڪنهن کي ٻه بعد ۾ ٻيو ٻار ڄمندو هو، تڏهن اها اڪيلين کي ڪهي چڊيندي هئي. ان ڳالهه ۾ تنهنڪري، اسان کي ڪو به تعجب ڪرڻ نه کپي ته مبايا قوم وارن جي هڪ شاخ، جا ڪيترن سالن تائين هسپانوي فاتحن جي سخت دشمن هئي، مٿينءَ رسم هڻ سبب بلڪل نيست و نابود ٿي ويئي. 'گران چاڪو' جي ڳاڙهن هندستانين جي اينگوئا قبيلي وارن ۾، عيسائي مبلغن هڪ عجيب ۽ غريب رسم ڏٺي، جنهن کي هنن "لنڊن ٻارن کي ڪچيءَ ڪيرائڻ ۽ ٻين طريقن سان مارڻ جي ذريعي قومي خود ڪشيءَ جي سوچيل ۽ رڪيل رسم" ڪري بيان ڪيو آهي. ۽ ٻ وري، فقط ٻارن کي مارڻ جي ذريعي ئي هڪ وحشي قوم ٻنهنجي قومي خود ڪشي ڪندي آهي. زهر جي استعمال کي ٻه هڪ نهايت مؤثر تدبير سمجهيو ويو آهي. ڪجهه سال اڳ 'اويت' نالي هڪ ننڍي قوم جاهلو علائقن مان هيٺ لهي، اولهه آفريڪا جي ڪلاهار درياه جي ڏاڪي شاخ تي اچي آباد ٿي. جڏهن ٻهرين دفعي هنن کي عيسائي مبلغن ڏٺو، تڏهن انهن جو ڪافي تعداد هو، جو ٽن جدا ڳوٺن ۾ آباد هو. تڏهن کان وٺي، زهر جي ذريعي آزمائشن وٺڻ جي طريقي، آنهيءَ قوم کي ذري ذري ڪري فنا ڪري چڊيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ موقعي تي سڄي قوم پنهنجي بيگناهي ثابت ڪرڻ خاطر زهر ايتو جيو وڃي ٿو ته انهن مان اڌ ماڻهو ته برولت مري ويا، باقي اڌ جهڪي جيئرا آهن، سي پنهنجي مڃڻ رسم سبب، اکي يا پوءِ ڪنا ٽي ويندا. اهڙن مثالن جي موجودگي ۾ اسان کي ڪو تعجب نه ڪرڻ گهرجي ته ڪيترين قومن کي پنهنجي سڄي گهرائي جي ناس ڪرڻ ۾ ڪا الڳ ڪاڻ ٽي آهي ؟ نه سندن اصول پرستي يا طبيعت جي نزاڪت ان رسم جي ادائگي کان کين روڪيو آهي. وحشين کي اهڙين خصلتن جو مالڪ سمجهن ؟ منجهائن اهڙيون اميدون رکڻ يا کين يورپي قومن جي قدرن سان ماپڻ هڪ اهڙي غلطي آهي، جا عام طرح سان هميشه کان ولي بار بار ڪٿي ويئي آهي. جيڪڏهن منهنجن پڙهندڙن مان ڪو اهڙو خيال رکي ٿو ته دنيا جون سڀ قومون تعليم يافته انگريزن وانگر سوچين ؟ سمجهن ٿيون، ته پوءِ وهمي اعتقادن، رواجن ؟ رسمن متعلق هن ڪتاب ۾ جيڪي ثابتيون ؟ شهادتون جمع ڪيون ويئون آهن، سي سندس انهي غلط فهمي کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ديوتائن ؟ بزرگ هستين کي قتل ڪرڻ جي رسم متعلق جيڪا هت سمجهائي ڏني ويئي آهي، سا هين نظريي يا اعتقاد سان وابسته آهي، ته مقتول ديوتا جو روح سندس جانشين جي جسم ۾ وڃي سمائجي ٿو. روح جي اهڙي نموني سان سمائجڻ جي سون وٽ "شلڪ" بادشاهن جي مثال کان سواءِ، بي ڪاڻ ثابتي موجود ڪانه آهي، انهن وٽ خدائي بادشاه کي قتل ڪرڻ جي رسم خاص قسم جي آهي ؟ سندن ايمان آهي ته سندن شاهي خاندان جي بنياد وجهندڙ جو روح انهن جي هر هڪ قتل ٿيل بادشاه جي جسم اندر سمايل ٿئي ٿو، ۽ جيتوڻيڪ اهڙي اعتقاد جو حقيقي مثال سون وٽ هڪ ئي موجود آهي، جنهن لاءِ آڳ شهادت ؟ ثبوت پيش ڪري سگهان ٿو، ان هوندي ۽ مشابهت ذريعي اهو امڪان ظاهر ڪئي ٿو ته هين ڪيترين حالتن ۾ اڃ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقتول ديوتا جي روح کي سندس جانشينن شايد ورثي طور حاصل کيو هجي، حالانڪ اهڙين خالتن ۾ سڌي قسم جي ڪابه ثابتي ڪانه ملي سگهي آهي. جاڪاڻ ته اسين مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته گهڻين حالتن ۾ ائين سمجهيو ويو آهي ته موت ڪان پوءِ هڪ اوتار جو روح پئي اوتار جي جسم ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. ۽ جوڪڏهن قدرتي موت ذريعي ائين ٿي سگهي ٿو، ته پوءِ اوتار کي قتل ڪرڻ جي حالت ۾ به ائين ٿي سگهي ٿو. اهڙي قسم جو اعتقاد اوائلي انسانن ۾ يقيناً ڏاڍو ويو آهي ته هڪ مرندڙ انسان جو روح سندس وارث جي جسم اندر سمائجي وڃي ٿو. نياس علائقي ۾ عام طرح سان وڏو پٽ پنهنجي پيءُ ڪان پوءِ سرداريءَ جو حقدار هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن دماغي يا جسماني اوڻائيءَ سبب ان کي انهيءَ منصب لاءِ ناموزون سمجهيو ويندو آهي، ته پوءِ سندس پيءُ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي هن ڪالهه جو فيصلو ڪري چڏيندو آهي ته ان جي بجاءِ ٻيو ڪهڙو پٽ سرداري ڪندو. ۽ پئي پٽ کي پنهنجو حق تسليم ڪرائڻ لاءِ هيءُ ڪالهه لازم هوندي آهي ته هو مرندڙ سردار جي روح کي سندس آخرين ساهه سان گڏ ٻاهر نڪرڻ مهل پنهنجي وات ۾ يا ڪنهن ٻيلهيءَ ۾ پکڙي ولي. جاڪاڻ ته جيڪو به ساڻهو مرندڙ سردار جي اوڻين ساهه کي سندس روح سميت پکڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، سو انهيءَ مقرر ٿيل وارث سان هڪ جهڙو شريڪ سمجهيو ويندو. ان ڪري سردار جي مرڻ مهل سندس ٻيا پٽ، ڪن وقتن تي ته ڪي اجنبي به، سندس روح کي جسم ڪان ٻاهر نڪرڻ وقت پکڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نياس جي علائقي جا گهر زمين کان مٿي لکڻ تي ٻڌل هوندا آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ اهڙا هڪ واتعا ٿيا آهن ته جنهن مهل مرندڙ سردار پوٺ ڀر زمين تي پئي، پنهنجا آخرين ساهه ڪڍيندو رهيو آهي، ان وقت سندس منصب جي اميدوار منجهان ڪنهن ته ڪنهن جڻي سردار جي گهر جي زمين سان سوراخ ڪيو، منجهانئس بانس جو ٻوٽو لکڻ اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگهائي، سردار جو پوڊون پاڻ پنهنجي وات ۾ جهڻي ورتو آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن سردار کي پٽ ڪونه هوندو آهي، تہ ان حالت ۾ سندس روح کي ٽيلهيءَ ۾ پکڙيو ويندو آهي ۽ پوءِ سردار سان مشابهت رکندڙ هڪ مجسمو تيار ڪري، ٽيلهيءَ کي ان سان ٻڌي چڊيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ انهن سمجهيو ويندو آهي تہ سردار جو روح سندس انهيءَ پٽ ۾ سمائجي ويو آهي؛ ڪن حالتن ۾ بادشاه ۽ سندس ابن، ڏاڏن جي درميان روحاني رابطي قائم رکڻ لاءِ، بادشاه وٽ انهن جي جسمن جي ڪن عضون، يا ٻين حصن جي موجودگي ضروري سمجهي ويندي آهي، سيليبس-ايٽن ۾ مثل بادشاهن جي جسماني حصن کي شاهي تبرڪات تصور ڪيو ويندو آهي، جنهنڪري انهن کي مقدس سمجهي ڏاڏيءَ خبرداريءَ سان محفوظ رکيو ويندو آهي، جو تہ اهي عضوا جنهن وٽ ۾ هوندا آهن، تنهن کي تخت تي ويهڻ جو حق حاصل ٿيندو آهي. ساڳيءَ طرح، ڏکڻ ميڊاگاسکر جي سکاوالا قبيلي وارا مثل بادشاه جي گردن جي هڏي، نهن ۽ وارن جي هڪ ڇڪ کي واڪونءَ جي ڏند سان ڳڏ، هڪ جدا جاءِ ۾، جا انهيءَ کي لاءِ مخصوص هوندي آهي، اڳين بادشاهن جي اهڙن تبرڪات سان گڏي رکندا آهن. اهي شيون جنهن وٽ هونديون آهن، تنهن کي تخت تي ويهڻ جو حق حاصل ٿيندو آهي. تخت جي ڪنهن حقدار وارث کان جيڪڏهن اهي شيون کسجي ويندیون ۽ سندس هدران ڪنهن غاصب جي ور چڙهي ويندیون، تہ ان حالت ۾ رعايا انهيءَ ماڻهوءَ جي حڪم ۽ اختياريءَ کي تسليم ڪندي، جنهن وٽ اهي شيون هونديون. اولهه آفريڪا ۾ ايبووکونا جو بادشاه "ائليڪ"، جڏهن مري ويندو آهي، تڏهن قبيلي جا وڏا ان جي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، سندس سر مٽيءَ جي هڪ مٽڪي ۾ رکي، تخت جي وارث کي ڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ آهو سر انهيءَ وارث لاءِ قابل احترام ٿي پوندو آهي، ڪن وقتن ۾ قبيلي جا ٻيا سڙس ۽ ڪ ڪرڻ لاءِ، تہ مثل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه جون سپ جادوي ۽ ڪراماتي قوتون سندس جانشين ۽ وارث وٽ برابر پهچي ويڻون آهن، نئين بادشاه کي لاش جي گوشت کائڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ايبوڪوتا ۽، نه فقط مٿل بادشاه جو سر سندس وارث کي ڏنو ويندو هو، ۽ ان جي جيپ ۾ ويڙي نئين بادشاه کي کائڻ لاءِ ڏني ويندي هئي. ان ڪري جڏهن ۽ انهن وحشين کي ائين چوٽو هوندو آهي ته فلاڻو بادشاه حڪومت ڪري رهيو آهي، تڏهن آهي هيٺن چوندا آهن ته "فلاڻي، مٿل بادشاه کي کاڌو آهي!" اولهه آفريڪا جي هڪ وڏي شهر، لاگوس جي اندروني حصن ۽، ابادان جي ڪوٽ ۾ ساڪٽي قسم جو هڪ رواج اڃا تائين هلندو اچي. اتان جو بادشاه جڏهن مرندو آهي، تڏهن سندس سر ويڙي، اتان جي وڏي حاڪم، "آلافن آف اويو" ڏانهن موڪليو ويندو آهي، جو 'يوروبا' ملڪ جو شهنشاه تسليم ڪيو ويندو آهي، ۽ مٿل بادشاهِ جي دل سندس وارث کي کائڻ لاءِ ڏني ويندي آهي. اها رسم ڪي ٿورا ئي سال اڳي ابادان جي نئين بادشاه جي تخت نشينيءَ وقت ادا ڪئي ويندي هئي.

مٿين سڀني ثابتين ۽ شهادتن تي غور ڪرڻ سان، اسان سمجهي سگهون ٿا، ته جڏهن ۽ خدائي بادشاه ۽ پوجاريءَ کي قتل ڪيو ويندو آهي، تڏهن اهو ئي يقين ڪيو ويندو آهي، ته ان جو روح سندس وارث جي جسم اندر سمائجي وڃي ٿو. درحقيقت، سفيد نيل درياه جي "شلڪ" قوم وارن ۽، جتي بادشاه کي باقاعده طور قتل ڪيو ويندو آهي، اتي ڪانئن سندس تاجپوشيءَ وقت هڪ اهڙي رسم ادا ڪرائي ويندي آهي، جنهن جو مطلب انهيءَ ساڪٽي مقدس ۽ قابل عبادت روح کي سندس جسم اندر داخل ڪرڻ جڏو هوندو آهي، جو سندس سڀني پيش نشينن ۽، جيڪي هڪ ٻئي جي پليان تخت تي ويٺا هئا، سمائيل سمجهيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڏاويهون

وڻن جي روح کي مارڻ

۱- وڻيسڻڻائيڊ جا نقاب پوش ناڇو: هاڻي، اسان کي هيءَ سوال پڇڻو آهي ته خدائي بادشاهه يا پوڄاريءَ کي مارڻ جي رسم اسان جي جاچ جي خاص موضوع تي ڪهڙي روشني وجهي ٿي. هن ڪتاب جي اڳئين حصي ۾ اسان کي هن يقين ڪرڻ لاءِ سبب مليا، ته 'ٻيلي جي بادشاهه' کي وڻن، يا نباتات جي روح جو اوتار سمجهيو ويندو هو ۽ ان ڪري، سندس معتقدن جي خيال ۾، ڪيس جادوءَ جي اهڙي طاقت حاصل هئي، جنهن جي وسيلي هو وڻ مان ميوو، ۽ زمين مان اناج وغيره پيدا ڪري ٿي سگهيو. ان ڪري، هن جا پوڄاري سندس زندگيءَ کي بيحد قيمتي سمجهندا هوندا، ۽ امڪان آهي ته هنن ان کي ڪن اهڙين پابندين جي حلقي اندر محفوظ رکيو هوندو، جن جي ذريعي گهٽن هنڌن تي انسان-ديوتا جي زندگيءَ کي بدروحن ۽ جادوگرن جي اري اثر کان محفوظ رکيو ويندو هو. ۽ اسان ڏٺو آهي ته انسان-ديوتا جي زندگيءَ کي جيڪو قدر ۽ قيمت ڏني ويئي آهي، سا ئي ڪيس پڌاڻي جي لازمي ڪمزورين ۽ بين اوڻاين کان بچائڻ لاءِ قتل ڪرڻ، انتهائي ضروري ٺاهيو ٿي. 'ٻيلي جي بادشاهه' جي حالت ۾ ۽ ساڳيا ئي دليل لاڳو آهن، ڪيس ۾، ان لاءِ ئي قتل ڪيو ويندو هو ته منجهس سمايل ديوتائي روح پنهنجي سالم حالت ۾ سندس جانشين ڏانهن منتقل ٿي وڃي. انهيءَ قانون ذريعي، ته هو تيستائين حڪومت ڪندو، جيستائين کو ان کان زياده طاقتور اميدوار ڪيس قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي، ڪ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت هي ۽ مقصد حاصل ٿيندا هئا، تہ هُن جي ديوتائي زندگي پنهنجي پوري جوبن ۽ قائم رهندي اچي، ۽ جيئن ئي انهيءَ جوبن ۽ کي ڪمزورين اچڻ لڳن، تيئن ئي آهو جوبن ڪنهن موزون جانشين ۽ منتقل ٿي وڃي، چو تہ جيستائين هو منصب کي پنهنجي طاقتور بازوءَ جي زور سان سنڀالي ٿي سگهيو، تيستائين هي انسان نڪري ٿي سگهيو تہ هن جي قوت ۽ ڪا، گهٽتائي ڪا، آئي هئي، پر، ٻئي ڪنهن جي هٿان سندس شڪست، ۽ موت ثابت ڪندو هو تہ سندس جسماني طاقت گهٽجي رهي هئي ۽ ان ڪري آهو وقت اچي پهتو هو، جڏهن سندس ديوتائي زندگيءَ کي ڪنهن وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور جسم اندر محفوظ ٿيڻ گهرجي. هن قانون جي آها سمجهاڻي، تہ 'ٻيلي جي بادشاهہ' کي سندس جانشين جي هٿان قتل ٿيڻو هو، ڪهڙ ۽ ڪهڙ انهيءَ قانون کي قابل فهم بڻائي ٿي. انهيءَ سمجهاڻيءَ کي 'شاڪ' ٿوم وارن جي نظريي ۽ دستور کان تقويت ملي ٿي ۽ جي پنهنجي خدائي بادشاه جي صحت ۽ ڪمزوريءَ جي ڪارن علامت ظاهر ٿيڻ تي ڪيس ماري ڇڏيندا هئا، تہ سندس جسماني ڪمزوري سندن اناج، ڇوڻائي مال ۽ ماڻهن جي ضروري قوت کي ۽ ڀاڻ وانگر متاثر ڪري. تنهن کان سواءِ 'جتومي' جو مثال ۽ ان کي تقويت ڏيئي رهيو آهي، جنهن جي زندگيءَ جي بقا تي سڄيءَ دنيا جي وجود جو دارومدار سمجهيو ويندو هو، ۽ جنهن کي ڪمزوريءَ جي ٻوريءَ علامت ظاهر ٿيڻ تي قتل ڪيو ويندو هو، ورجين دور ۽ جن شرطن تي ڪئپٽن جو راجا پنهنجو عهدو ماڻيندو هو، سي بلڪل اهڙائي هئا، جهڙا 'ٻيلي جي بادشاهہ' جي منصب سان واسطو هئا، پنهي ۽ فرق رکو اهو هوندو هو تہ جتي 'ٻيلي جي بادشاهہ' تي ڪنهن ۽ وقت حملو ٿي سگهندو هو، اتي ڪئپٽن جي بادشاه تي، ٻارهن سالن جي مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ ٿي سگهندو هو، ۽ جهڙيءَ طرح ڪئپٽن جي راجا کي تيستائين حڪومت ڪرڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجازت، جيستائين هو پاڻ کي حملہ آورن جي زد کان محفوظ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي، آنهي اوائلي قانون جي ارم صورت هئي، جنهن موجب سندس زندگي جو ميعاد مقرر هو، تهڙي طرح اسين هي انومان ۾ ڪيڙي سگهون ٿا ته 'پهلي جي بادشاه' کي جيڪا ساڳي نوعيت جي اجازت مليل هئي، سا ۽ قديم زماني جي انهي قانون جي نرم ۽ سڌريل صورت هئي، جنهن موجب ان کي ۽ مقرر ٿيل عرصي کان پوءِ لازمي طور قتل ڪيو ويندو هو. پنهي حالتن ۾ پوئين ديوتا- ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ جيڀري رهڻ جو موقعو ڏنو ويو هو، جنهن کان اڳئين ڪانون تحت کيس محروم رکيو ويو هو، پوين دورن جي ماڻهن پنهي قاعدن جي انهي فرق کي هن خيال کان شايد ڪٽي تسليم ڪيو هوندو ته جيستائين ديوتا- ماڻهو قرار جي زور سان پاڻ کي هر حملي کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي پئي سگهيو، تيستائين کين هن انديشي کان لاءِ ڪو، سبب ڪونہ هو ته منجهس موتمار ڪمزوري اچي چڪي هئي.

اسان جو هي انومان، ته قديم زماني ۾ 'پهلي جي بادشاه' کي مقرر عرضي کان پوءِ، کيس جيڀري رهڻ جي موقعي ڏيڻ کان سواءِ، قتل ڪيو ويندو هو، فقط هن حالت ۾ خاطري ۾ بدلجي سگهندو، جيڪڏهن اسين هن باري ۾ ڄاڻي ڏيئي سگهون ته انهي "بادشاه" جي هم- رتبہ هستين، يعني وڻن جي روح جي انسان-نمائندن، کي ۽ آتر يورپ ۾ مقرر ميعاد کان پوءِ قتل ڪرڻ جي رسم موجود هئي. درحقيقت هارين، نارين جي گوناڻن ميلن ۾ ساڳئي قسم جي رسم اڃڙا ڇٽا نشان ڇڏيا آهن، جن جي صحت جي باري ۾ ڪو، شڪ پيدا ٿي نٿو سگهي. اچو ته هاڻي ڪي مثال ونون.

ڏکڻ ٻوبريا ۾ نيدرهورنگ وٽ، وڻ جي روح جو 'ونسنتائيد- نمائندو'— 'هي فنگسٽل'، جيڪو کيس ڪوٺيو ويندو هو— مٿي کان وڏي ٻيرن تائين پاڻ کي ڪن ۾ گلن سان ڍڪي ڇڏيندو هو، مٿي ۾ هڪ ڏگهي نوڪدار ڪوهي ڪاڏيندو هو، جنهن جون هيٺيون ڪنڊون سندس ڪلهن ٿي لٽڪنديون هيون ۽ اکين جي جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ ڏسڻ لاءِ ۽ سوراخ هوندا هئس. سڄيءَ ٿو ٻيءَ تي ڪنول جا گل لڳل هوندا هئس، جنهن جي نوڪدار چوٽيءَ ۽ هڪ گلدستو لڳل هوندو هو. هنجي ڪوٽ جون بانهون ۽ آبي ٻوٽن جون ٿيل هونديون هيون ۽ سڄو جسم ساون پنن سان ڍڪيل هوندو هوس. ٻي فنگسٽل جي ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ ننڍو چوڪرو هلندو هو، جو ٻنهنجي پاسي واري هڪ بانهن مٿي جهليندو هلندو هو. ٻنهي چوڪرن جي هٿن ۽ اگهاڙيون تراريون هونديون هيون ۽ جلوس ۽ شريڪ ٿيندڙ ٻيا ماڻهو ۽ گهٽو ڪري تراريون ڪٽي هلندا هئا. اهي چوڪرا هر اهڙي گهر جي دروازي وٽ ٻيهندا خيرات لاءِ صدا ڪندا ويندا هتا، جتان ڪو خيرات، يا ڪنهن سوڪڙيءَ يا ڪڙيءَ مان جي اميد هوندي هئي. ماڻهو لڪي، لڪي ٻنن جي پوشاڪ ۽ ڏيکيل چوڪري جي مٿان پاڻي آڇلائي، ڪپس ڇڻائي ڇڏيندا هئا، ۽ جڏهن هو پاڻيءَ ۽ تربتر ٿي ويندو هو، تڏهن سڀئي ڏاڍيون خوشيون ڪندا هتا. آخر ۽ هو ٻر واريءَ ڪسيءَ ۽ چيلهه جيتري پاڻيءَ ۾ لنگهي ويندو هو ۽ وچ نهر ۽ وڃي ٻيهندو هو، چوڪرن مان هڪ ڇٽو هيٺين چوڪري جي سسي لاهن جو سانگ رچائيندو هو. سڀاڻيا ۽، ورم لنگين وٽ نوجوان چوڪرا گڏجي 'ولمنڊي' ڏينهن تي اڇيون قميصون ۽ اڇيون سٽڻون پائي، چيلهه ۽ گاڙها رومال ٻڌي، انهن ۽ تراريون لٽڪائيندا هتا. سڀئي گهوڙن تي سوار ٿي، جلوس جي صورت ۽ ٻيلي ڏانهن ويندا هتا ۽ سندن اڳيان ٻ، توتاري، ٻنهنجن توتارن کي زور، زور سان وڄائيندا هلندا هتا. ٻيلي ۽ پهچن کان پوءِ هو شاهه بلوط جي وڻن سان گهاڻيون تاريون وڌي، پاڻ منجهان هڪ اهڙي نوجوان کي مٿي کان وٽي ٻيرن تائين پنن سان ڍڪيندا هتا، جو ڪوٽ سان سڀني کان پوءِ گهران نڪتو هوءِ سنسس ڪنگن کي جدا پنن سان وکوڙيو ويندو هو، ته جيئن هو گهوڙي تي سوار ٿي سگهي. تنهن کان سواءِ، ان کي هڪ نقلي ڏڪهي ڪڇي ڏني ويندي هئي، جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ نقلي مٿو ۽ منهن ٿيل هوندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ هڪ ٽيئو "مي-وڻ" وڊيو ويندو آهي، جو الڪل اٽ يا ڏهه ڪوٽ ڏکهو هوندو آهي. ان کي رنگ برنگ رومالن ۽ ٻين سان سينگاري، هڪ ماڻهوءَ کي کڻڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي، جنهن کي "مي-بيئرر" (مي وڻ جو کڻندڙ) چيو ويندو آهي. انهن سڀني ڪمن کان فارغ ٿي، جلوس دهل ۽ باجا وڄائيندو ڪوٽ ڏانهن واپس ورندو آهي. جيڪي عجيب و غريب شخصيتون جلوس ۾ شريڪ هونديون آهن، تن ۾ ڪاريءَ صورت وارو هڪ "موٽر بادشاهه" (مراقش جي بادشاهه کي موٽر چيو ويندو آهي) جنهن جي مٿي تي تاج رکيو ويندو آهي، هڪ "ڊاڪٽر ڦولادي-ڏاڙهي"، هڪ سپاهي ۽ هڪ جلاد شامل هوندا آهن. اهي سڀ ماڻهو ڪوٽ جي باهران اچي هڪ چراگاهه ۾ بيهندا آهن ۽ مٿين ڪردارن مان هرهڪ منظوم تقرير ڪندو آهي. جلاد اهو اعلان ڪندو آهي ته، ٻنن سان ڏيکل ماڻهوءَ کي موت جي سزا ملي آهي، جنهنڪري هو آئي جو آئي، هنجي ڦلي سريءَ کي ترار جي هڪ ٽي ڏڪ سان جدا ڪندو آهي. ان کان پوءِ گهوڙيسوار ڊوڙندي ڊوڙندي "مي-پول" کي زمين مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ جيڪو به انهيءَ ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو آهي، سو "مي-پول" کي رومالن، رمنن ۽ سينگار جي ٻين سڀني چيزن سوڌو پاڻ وٽ رکندو آهي. اهڙا رسم هر ٻئي يا ٽئين سال ادا ڪئي ويندي آهي.

سڪسني ۽ ٽورنجين ۾ "وٽسنٽائيڊ" تي هڪ اهڙي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن کي "جهنگلي ماڻهوءَ کي ٻوڙڻ مان باهر ڪڍڻ"، يا "جهنگليءَ کي ٻيلي مان باهر آڻڻ" چو ٿالو ڏنو ويو آهي. هڪ نوجوان کي ٻن يا سڀني ۾ ڏکي، "وحشيءَ" جو لقب ڏنو ويندو آهي. هو ٻيلي ۾ لڪي هوندو آهي ۽ ٻيا چوڪرا ان کي ڳولڻ لاءِ نڪرندا آهن. جڏهن اهي کيس ڳولي ڪڍندا آهن، تڏهن ان کي ٻڌي، قيد ڪري وٽي ايندا آهن ۽ خالي ٻندوقن سان مٿس فير ڪندا آهن. هو هڪدم زمين تي ڪري هوندو آهي ۽ مرڻ جو ڀهاتو ڪندو آهي. ٻڌم هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻو چوڪرو، جنهن کي ڊاڪٽر جهڙا ڪپڙا پيل هوندا آهن، سو اتي اچي سهڙندو آهي ۽ هيٺ سمهيل چوڪري جي نس مان رت چوڙيندو آهي، جنهن کان پوءِ هو دوباره زنده ٿي ويندو آهي. ٻوءِ سڀئي خوشي ڪندا آهن ۽ انهيءَ چوڪري کي هڪ گاڏيءَ سان ٻڌي، شهر ۾ وٺي ويندا آهن، جتي هرهڪ کي ٻڌائيندا ويندا آهن ته هنن 'وحشيءَ' کي پڪڙيو آهي. هرهڪ گهر جي دروازي وٽ ڪين ڪانڪا سوڪڙي ملندي آهي. سترهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ ارزگيبرگ نالي هڪ ڪوٽ ۾ 'شروو ٽائيڊ' واري ڏينهن ته هر سال هيئين رسم ادا ڪئي ويندي هئي. ان ماڻهن جي شڪل وحشين وانگر ٿاهي، هڪ کي سينور سان، ۽ ٻئي کي بلال سان ڏيکي، سڄي شهر جي گهٽين ۽ رستن ۾ ٽان ڦيرائي، آخر شهر جي وڏي چوڪ ۾ آندو ويندو هو، جتي هنن کي پڄڻ لاءِ ڇڏيو ويندو هو ۽ ٻوءِ سڀئي ماڻهو سندن ڪيل هوندا هئا. ڪجهه دير ٽائين ڏوڙي، آخر ڪين خنجرن ۽ بندوقن سان ماريو ويندو هو. زمين تي ڪرڻ کان پهتين، آهي عجيب نموني سان بيهوش ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي، چڪريون ڪائيندا هئا ۽ ڦيلهين منجهان، جي ڪين اڪوات ڏنيون ويندين هيون ۽ تماشبين مٿان رت ڇڙڪائيندا هئا. هيٺ ڪرڻ کان پوءِ، ڪوناڻا ڪين تختن تي سمهاري، ڪوٽ جي شرابخاني ڏانهن ڪڍي ويندا هئا، شرابخاني ڏانهن ويندي، سڄي رستي ۾ ڪاٽين ۾ ڪ ڪندڙ مزدور ٻنهنجن اوزارن مان توتارا ٿاهي وڄائيندا ويندا هئا ۽ اهڙي ڊڪ ڏيندا هئا، جن ته هنن کي وڏو شڪار ٿاسايو آهي. بوهيميا ۾، شلوڪينا وٽ اڄا ٽائين 'شروو ٽائيڊ' تي هڪ اهڙي ئي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. هڪ ماڻهوءَ کي وحشين جهڙا ڪپڙا پارائي، شهر جي سڀني گهٽين مان ڊوڙائيندا، هڪ اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ آڻي ڪيندا آهن، جنهن جي اڌ وٽ هڪ مضبوط رسو آرپار ٻڌل هوندو آهي. اهو ماڻهو ڇاڻي واڻي انهيءَ رسيءَ تان ڏاهو ڪائي ڪرندو آهي ۽ سندس ٻڌيان ٻوڏڙ مڌانس اچي ويندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ کيس گرفتار ڪندا آهن. جلاد هڪدم ڊوڙندو وٽس وڃي پهچندو آهي ۽ پنهنجي ۽ تلوار سان رت سان ڳريل انهي ۽ ٽماهي ۽ کي وڍي ڇڏيندو آهي، جا سندس جسم جي ڪنهن حصي سان ٻڌل هوندي آهي ۽ اهڙي نموني سان هو کيس قتل ڪرڻ جو نقل ڪندو آهي. بس، 'وحشي' قتل ٿي ويندو آهي ۽ رت ۽ ٽڪيل سندس لاش ٽڪندو رهندو آهي. ٻئي ڏينهن ٿي هلال ۽ ڏيکيل 'وحشي' ۽ کي تختي تي سمهاري، سندس جلوس ڪڍي، کيس آخرڪار ڪوٽ جي ٽلاءَ تي ڪٽي ويندا آهن، جتي ان کي جلاد پاڻي ۽ اڇلائيندو آهي. انهي ۽ رسم کي "ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ" چوندا آهن.

سيمڪ (هوميميا) ۽ 'ولسنڊي' ڏينهن ٿي بادشاهه جي سسي ۽ لاهڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. ڪوٽ جا نوجوان هڪ هنڌ ڪڏ ٿي، وڻ ٻڌلائي، چيلهه سان چوڻ جو پڙو ٻڌندا آهن ۽ هڪ هٿ ۽ ڪاٺ جي ترار، ته ٻئي ۽ ايد جي ڪاٽي ۽ جو توتارو ڪٽندا آهن. 'بادشاهه' کي چوڻ جو جهو پارائيندا آهن، جنهن کي ڳلن سان سينگاريو ويندو آهي. ٻرن ۽ وڻ ۽ ويڪرڻ ٻن وارا ٻوٽا ٻڌندا اٿس ۽ سنهن تي نقاب هوندو اٿس. هٿ ۽ هڪ ڳلدار ٽاري ڏيندا اٿس ۽ هڪ ٽنگ ۽ رسو ٻڌي، ڪوٽ جو هڪ چوڪرو کيس جلوس سان گهليندو وٽي هلندو آهي. جلوس ۽ شريڪ ٿيندڙ ٻيا سڀ چوڪرا نچندا، ڪائيندا، باجا ۽ سيٽيون وڄائيندا، خوشيون ڪندا ويندا آهن. هرهڪ گهر ۽ آهي 'بادشاهه' کي ڇڏي ڏيندا آهن، جو ڊوڙي اتان فرار ٿين جي ڪوشش ڪندو آهي. جلوس ۽ شامل ٿيلي سپاهي، پنهنجي ۽ ڪاٺ جي ترار سان بادشاه جي چوڻ واري جبي کي ڏڪ هڻندو آهي. ان کان پوءِ خيرات گهري ويندي آهي. بادشاه کي قتل ڪرڻ جي رسم، جا هن ڪوٽ ۽ ڪجهه قدر ڏيهي پنڌجي ويئي آهي، سا هوميميا جي ٻين علائقن ۽ آهڙي ڏنگ سان ادا ڪئي ويندي آهي، جو ته ڪو سچو واقعو ٿي رهيو آهي. ڪونيگرالز ضلعي جي ڪوٽن ۽ "ولمنڊي" ڏينهن نوجوان چوڪرين ۽ ڪوٽاڻا چوڪرا بهترين لباس ڏيکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ رنگا رنگي پٽيون پڌي ميدان ۾ اچي ڪٺا ٿيندا آهن. چوڪريون لائين جي هڪ ونڊ هيٺان بيهنديون آهن، ته چوڪرا ٻئي هيٺان. نوجوان چوڪرا 'راڻي' لاءِ هڪ هار ٻوٽيندا آهن، ته چوڪريون 'راجا' لاءِ. 'راجا' ۽ 'راڻي' منتخب ڪرڻ کان پوءِ، سيٽي ڪڏجي. جوڙي جوڙي ٿي، ڳوٺ جي شرابخاني جو رخ ڪندا آهن، جتي هڪ نقيب، شرابخاني جي ڪٻاڙي ڪان 'راجا' ۽ 'راڻي' جي نالن جو اعلان ڪندو آهي. پنهي کي اتي شاهي نشان ڏنا ويندا آهن ۽ دهل ۽ باجن جي شور ۾، ڪين ڪان جا تاج پهرايا ويندا آهن. ان کان پوءِ نوجوانن منجهان هڪ چٽو، ينچ تي چڙهي، 'راجا' تي مختلف قسمن جا الزام مڙهيندو آهي، جهڙوڪ: چوڻائي مال سان غفلت جو ورتاءُ. راجا اتي ويٺل شاهدن کي منٽ ميڙ ڪندو آهي ۽ مقدمي جي ڪارروائي شروع ٿيندي آهي. منصف کي اڇي ڪپڙي جو گول ٽڪرو چاتي ۽ وٽ سندس ڪپڙي ۾ لڳل هوندو آهي، جو سندس عهدي جو نشان هوندو آهي. مقدمي هلائڻ کان پوءِ جج "ڏوهي" يا "بي ڏوهي" جو فيصلو ٻڌائيندو آهي. جيڪڏهن 'راجا' کي قصوروار ٺهرايو ويندو آهي، ته جج پنهنجي منصبي ڏنڊي کي پڇي چڏيندو آهي. 'بادشاهه' هڪ اڇي ڪپڙي مٿان گوڏن ڀر جهڪندو آهي ۽ سيٽي حاضرين مٿا اگهاڙا ڪندا آهن، سپاهي 'بادشاهه' جي مٿي تي ٽي يا چار ٽوپلا هڪ ٻئي جي مٿان رکندو آهي. منصف ٽي دفعا "گنهگار" جو لفظ زوردار آواز ۾ ادا ڪندو آهي ۽ نقيب کي 'بادشاهه' کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏيندو آهي، جو 'بادشاهه' جي ٽوپلن کي پنهنجي ڪاڻي واري تلوار سان ڏهه هٿي اڏائي چڏيندو آهي.

۽ شايد اسان جي مقصد لاءِ سڀني کان زياده ڪارائتي بوهيما جي هيٺين رسم آهي: هلسين ضلعي (بوهيميا) ۾، 'ونڊندي' ڏينهن 'بادشاهه' کي چوڻن جا ڪپڙا ڏکايا ويندا آهن، جن کي گلن ۽ ريبنين سان سينگاريو ويندو آهي. مٿي تي سونهري ڪاغذ جو تاج وجهندا آهن ۽ سندس گهوڙي کي ۽ گلن ۽ پنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سينگاريندا آهن. 'بادشاه' کي جلوس جي صورت ۾، جنهن ۾ هڪ منصف، هڪ جلاد ۽ ٻيا اهڙا فرضي ڪردار شامل هوندا آهن، گهوڙيسوار سپاهين جي هڪ دستي جي وچ ۾ ڪوٽ جي چوڪ ۾ آڻيندا آهن، جتي ان موقعي لاءِ 'مٽي-وڻ' هيٺان ساڻ ٽارين سان هڪ ننڍو ڪمرو ٺاهيو ويندو آهي. اهي وڻ گهٽو ڪري ننڍا چيل هوندا آهن، جن جي ٽڻ جو ٻاهرين چوڏو لاٽو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪپڙن ۽ گلن سان سينگاريو ويندو آهي. ڪوٽ جي گهر ڏياڻين ۽ ڪنوارين ٽينگرين جي ٽڪٽڪيني ڪرڻ کان پوءِ، اهو جلوس هڪ اهڙي اڳواٽ مقرر ڪيل جاءِ تي پهچندو آهي، جا هڪ سڏي ۽ ويڪري گهٽيءَ ۾ هوندي آهي. اتي پهچي هو ٻئي سڏين صفون ٺاهيندا آهن ۽ بادشاه کي ويچ ڏيندا آهن، ڪيس ٻوري وڃي ڏيندا آهن، جنهن کان پوءِ سڄي جلوس جا گهوڙيسوار سندس پٺيان پوندا آهن. جيڪڏهن آهي 'بادشاه' کي پڪڑڻ ۾ ناڪامياب ٿيندا آهن، تہ پوءِ هو سڄي سال لاءِ 'بادشاه' ٿي رهندو آهي ۽ سندس سائي انهيءَ شام جو ڪيس شرابخاني ڏانهن وڃي ويندا آهن، جتي آهي سندس دعوت ڪندا آهن. ٻئي جيڪڏهن بادشاه قاسي ٿوندو آهي، تہ ڪيس ڏڪڻ يا ڪاڻيءَ جي نقلي ترارين سان مارڪيڙي ويندي آهي ۽ ڪيس گهوڙي تان هيٺ لهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ جلاد ٻاڻ ٿي ٻاڻ کان پڇندو آهي، تہ "چا، آ هن بادشاه جو سر لاهيان؟" جواب ايندو آهي، "ٻلي لاهيئس". جلاد پنهنجي ترار ڦيرائيندو آهي، ۽ "هڪ ٻئي ٻئي، بادشاه جو سر ٻلي لهي" چئي، هو هڪ ٿي ڏڪ سان 'بادشاه' جي مٿي تان تاج اڏائي ڇڏيندو آهي. سڀئي حاضرين خوش ٿيندا آهن ۽ 'بادشاه' زمين تي ڪري پوندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس کائيءَ تي رکي، سڀني کان وڏيڪ ويجهي ڪنهن زميندار گهر ڏانهن ڪٽي ويندا آهن.

انهن سڀني سانگن جي گهمسان وچان وڻ يا نباتات جي روح کي سڃاڻڻ مشڪل ڪوٽ آهي. وڻ جي چوڏن، ٻن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڻ ماڻ، جن سان مختلف اداڪارن ۾ "بادشاهن" کي ڏيکيو ويندو آهي، ۾ سال جي آنهيءَ موسم ماڻ، جنهن ۾ آهي سانگ رچايا ويندا آهن، صاف ثابت ٿئي ٿو ته اهي سڀ ڪالهوڻ انهيءَ هڪ ئي طبقي سان وابسته آهن، جنهن سان "ڳاه جي بادشاه"، "مئي جي بادشاه"، "جنڪ-ان-دي-گرين" ۽ نباتات جي ٻين سبز نمائندن جو واسطو آهي، جن جي مفصل چڪاس اسين مٿين باب ۾ ڪري آيا آهيون. هن باري ۾ باقي رهيل شڪ کي دور ڪرڻ خاطر، اسان ڏٺو آهي ته بن حالتن ۾ مقتولن کي "مئي-وڻ" وٽ آندو ويندو آهي، جي وڻ جي روح جا اهڙي ئي طريقي سان غير شخصي نمائندا آهن، جهڙي نموني سان "مئي-بادشاه"، "ڳاه جو بادشاه" وغيره ان جا شخصي عيوضي آهن. "پنگسٽل" کي پائيءَ سان پڄائڻ ۽ هن جو ڪسيءَ اندر جيلهه، جيڏي پائيءَ ۾ ٻيهر، بنان ڪنهن شڪ جي، سينهن وسائڻ جي انهن ٻوٽن ماڻ هڪ آهي، جن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

۽، جيڪڏهن اهي شخصيتون نباتات جي روح جي بهار جي موسم ۾ نمائندگي ڪن ٿيون، جا يقيناً ڪن ٿيون، ته پوءِ سوال هي آٿي ٿو ته انهن کي مارجي چو ٿو؟ نباتات جي روح کي سال جي ڪنهن به وقت، ۽ خاص طرح بهار جي موسم ۾، جڏهن ان جي خدمتن جي سڀني موسمن کان وڌيڪ ضرورت آهي، مارڻ جو آخر مقصد ڪهڙو آهي؟ انهيءَ سوال جو فقط هڪ ئي امڪاني جواب انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ اچي ٿو ته اڳيئي ڏنل معلوم ٿئي ٿو، جا اسان خدائي بادشاه، يا پوجاريءَ کي مارڻ جي رسم متعلق اڳيئي پيش ڪئي آهي. اها ديوتائي زندگي، جنهن مادي ۽ فاني جسم اندر پنهنجو ظهور ڪري ٿي، تنهن جي ناپائدار قالب جي ڪمزوريءَ سبب ڪيس داغي ۽ خراب ٿيڻ جو انديشو لاحق رهي ٿو ۽ جيڪڏهن انهيءَ زندگيءَ کي روزانو وڌندڙ ڪمزوريءَ کان بچائڻ مقصود آهي، جا ڪنهن انساني جسم جي وڌندڙ جمار ماڻ ڏڏ لازمي طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برداشت ڪرڻي پوندي، تہ ٻوٹ آن کي آنهيءَ وقت کان اڳي ۽ يا گهٽ ۽ گهٽ عين انهيءَ وقت، جڏهن انساني جسم ڪمزوريءَ جون ڦريون علامتون ظاهر ڪري، انساني قالب کان جدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ان کي ڪنهن زياده طاقتور قالب ۽ آسانيءَ سان منتقل ڪري سگهجي. اهو مقصد ديوتا جي پراڻي نمائندي کي ماري، سندس ديوتائي روح کي ڪنهن نئين، ۽ زياده چست انساني روپ ۽ داخل ڪرڻ سان حاصل ڪيو ويندو آهي. چنانچہ ديوتا، يعني سندس انساني روپ کي مارڻ، ڪيس نئين سر جيئارڻ يا بهتر شڪل، ۽ صورت ۽ پيدا ڪرڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ضروري قدم آهي. انهيءَ مارڻ سبب ديوتائي روح بلڪل فنا تہ نٿو ٿئي، الٽو هن جو اڳي کان وڌيڪ پاڪ ۽ زياده زوردار ظهور عمل ۽ اچي ٿو ۽ سندس نئين زندگيءَ جي ابتدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن عام طرح خدائي بادشاهن ۽ پوجارين کي مارڻ جي رسم متعلق اها سمجهاڻي ٺيڪ آهي، تہ ٻوٹ اها ٿي سمجهاڻي وڻن جي روح جي نمائندي، يا نباتات جي روح کي هر سال مارڻ جي رسم سان اڃا ۽ وڌيڪ صفائيءَ سان لاڳو ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ قديم نسل جو ماڻهو سياري ۽ نباتاتي زندگيءَ جي ڪومائجڻ کي نباتات جي روح جي ڪمزوريءَ سان تعبير ڪري ٿو، هو ائين سمجهي ٿو تہ وڻن جو روح پوڙهو ٿي، ڪمزور ٿي ڇڪو آهي، جنهن ڪري آن کي ماري ۽ اڳي کان وڌيڪ جوان، ۽ زياده تازي صورت ۽ نئين سر جيئارڻ گهرجي. چنانچہ بهار ۽ وڻن جي روح جي نمائندي کي مارڻ، نباتات جي واڌ ۽ تيزي ۽ اضافي آڻڻ جي برابر سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ وڻن جي روح جي مارڻ کي هميشہ سندس نئين، ۽ زياده توانائي زندگيءَ جي آغاز سان وابستہ سمجهيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سئڪسن ۽ "ٽورنجين" نسل وارن ماڻهن جو رسم مطابق، جڏهن "وحشي ماڻهوءَ" کي گوليءَ سان ماريو ويندو آهي، تڏهن ڪيس "ڊاڪٽر" وري نئين سر جيئارو ڪندو آهي، هوڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري "ورسلنگين" رسم ۾ هڪ "ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهي" جو ڪردار ۽ شامل آهي، جو ڪنهن گذريل زماني ۾ شايد ساڪيوئي فرض سرانجام ڪندو هوندو. ٻيتا، بهار جي موسم جي هڪ ٻي رسم ۾، جنهن جو اسين اڳتي ذڪر ڪنداسين، "ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهي" مثل ماٿوءَ کي جيڙي ڪرڻ جو سانگ رچائيندو آهي. ۽ ديوتا جي انهيءَ دوباره جيڙي ٿيڻ متعلق، اڳتي هلي اسان کي ڪجهه وڌيڪ چوڻو آهي.

شمالي يورپ جي انهن شخصيتن، ۽ اسان جي جاچ جي موضوع — 'ٻيلي جي بادشاهه' يا نيميءَ جي پوجاريءَ — جي درميان مشابهت جا نڪتا ڪافي نمايان آهن. شمال جي انهن سانگ رچائيندڙن ۽ اسان کي ڪي امڙا 'بادشاهه' نظر اچي رهيا آهن، جن جي چوڌن ۽ ٻنن جي پوشاڪ، ڪارين، ۽ ساوڻ پٽن سان خاص طور تيار ڪيل جهوڙي، جنهن جي هيٺان ويهي آهي دربار ڪن ٿا، پنهنجي زبان حال سان هيءَ اعلان ڪري رهيون آهن ته هي ۽ پنهنجن اطالوي هم-رتبه شخصيتن وانگر، "ٻيلي جا بادشاهه" آهن. انهن وانگر ئي، هنن کي به، نه فقط زوريءَ ماريوويندو آهي، ۽ انهن وانگر ئي، هو به پنهنجي جسماني قوت ۽ ڏڻائيءَ سان ڪجهه وقت ڏاڍين موت ڪان بچي سگهندا آهن. ڇاڪاڻ ته شمالي ملڪن جي انهن رسمن منجهان گهڻين ۾، بادشاهه جي ڀاڄ ۽ سندس تعاقب، رسم جو هڪ نمايان حصو آهي ۽ ڪهت ۽ ڪهت هڪ حالت ۾، جيڪڏهن بادشاهه پنجي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، ته هو ڪيس ايندڙ هڪ سال لاءِ زندگيءَ ۽ عهدي جو ڏروائو ملي ويندو آهي. انهيءَ ٻوڌن حالت ۾ بادشاهه کي درحقيقت، انهيءَ شرط تي عهدي مان جي اجازت ڏني ويندي آهي ته ڪيس ٻئي سال اهڙي طريقي سان وري پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ ٻجهو هوندو، جهڙي نموني سان، ٻوين ڏڻن ۾، ڪئليڪٽ جي بادشاهه کي هر بارهين سال سيني حملآورن سان وڙهي، پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻو هوندو هو، ۽ باکل اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي نموني سان، جيئن "نيميءَ جو پوڄاري" هن شوط ٿي عهدو ساڏيندو هو، تہ کيس ڪنهن به وقت ڪنهن به حملي ڪندڙ سان مقابلو ڪري پنهنجي زندگيءَ کي بچائڻو پوندو. انهن سڀني حالتن مان هرهڪ ۾، انهيءَ ديوتا - انسان کي ويڙهہ يا پاڄ جي موتمار مقابلي جي ذريعي هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ ٿي وڏيڪ حياتيءَ جو پروانو ملندو آهي، تہ سندس جسماني طاقت اڃا تائين هيڏي ڪانہ ٿي آهي، جنهنڪري سندس موت کي، جو اڳي يا پوءِ، موتمار مقابلي جي نتيجي ۾ ٿي واقع ٿيڻو آهي، ۽ جنهن کان هو ڪنهن به حالت ۾ بچي نڪو سگهي، في الحال بغير ڪنهن ڊپ ڊاڻ، يا انديشي جي ملتوي ڪري سگهجي ٿو. پاڄ جي متعلق ايترو چوڻ ضروري آهي تہ "پهلي جي بادشاهہ" يا نيميءَ جي پوڄاريءَ جي ڏند ڪٿا، خواه سندس دستور ۽ رواج ۾، پاڄ نمايان ڪردار ادا ڪندي هئي. انهيءَ پوڄا جي روايتي باتيءَ، اوريسٽيس جي يادگيريءَ ۽ "پهلي جي بادشاه" کي هڪ مفرور غلام هٿ ڪهرايو هو. ان ڪري ٿي هڪ قديم مصنف پهلي جي بادشاهن کي "هٿ جو مضبوط ۽ پير جو تکو" ڪوٺيو آهي. جيڪڏهن اسان کي اڻريشيا واري هڙيءَ جي رسم بابت پوري پوري خبر چار ميسر هجي ها، تہ شايد اسان کي اهو معلوم ٿئي ها تہ "نيميءَ جي بادشاه" کي سندس پوهيما واريءَ ڀاءَ وانگر، پنهنجيءَ زندگيءَ کي پڇي، بچائڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو. مون اڳي ٿي اهو انومان لڳايو آهي تہ روم جي پوڄاري بادشاه جي سالياني پاڄ ۽ پهريائين ساڪٿي قسم جي پاڄ هئي. هن لفظ ۾، تہ شروعات ۾ هو انهن خدائي بادشاهن مان هڪ هو، جن کي يا تہ مقرر عرصي کان بعد قتل ڪيو ويندو آهي، يا ڪنهن مضبوط بازوءَ يا تيز رفتار پير سان هن ڪالهہ ثابت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي تہ سندن ديوتائي خصلتون اڃا پنهنجي پوري جوبن ۾ آهن ۽ منجهن ڪا وڏ پيدا ڪانہ ٿي آهي. اطالوي پهلي جي انهيءَ بادشاه ۽ سينڊس شمالي هم-رتبي وارن جو، درميان مشابهت جو هڪ وڏيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتہ ۾ ڏيان ڏي اچي ٿو. سڪسني ۽ ٽورنگين ۾ نباتات جي روح جي نمائندي کي قتل ڪرڻ ڪان پوءِ هڪ 'ڊاڪٽر' وري زنده ڪندو آهي. ٽيمي ٻيلي جي ٻهرين بادشاهه "هيولائيٽس" "يا ورجيٽس" جي حالت ۾ ۽ عين اها ئي ڪارروائي ٿي هئي، جو گهوڙن جي ٽهڻ سبب جڏهن هو مارجي ويو هو، تڏهن ڪيس ديوتائن جي ويڙ، "ايسڪيولا پيٽس" دوباره زنده ڪيو هو. اها روايت هن نظريي سان بلڪل ٺهڪي ٿي اچي ته 'ٻيلي جي بادشاهه' کي قتل ڪرڻ، سندس دوباره زنده ٿيڻ، يا پنهنجي جانشين ۾ نئون روپ اختيار ڪري اچڻ لاءِ هڪ ضروري قدم هو.

۲- **کارنيوال کي دفن ڪرڻ:-** هن وقت تائين ته مون آنهيءَ قاعدي جي سمجهاڻي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن موجب ٽيميءَ جي پوجاريءَ کي پنهنجي جانشين هٿان مرڻو پوندو هو، ۽ اها سمجهاڻي امڪاني هڻڻ کان وڌيڪ دعويٰ نٿي رکي، انهيءَ رسم، ۽ ان جي تاريخ متعلق اسان جي ٿوري ڄاڻ، ان کي امڪاني هڻڻ کان وڌيڪ ٻڌي ڪنهن ۽ درجي ڏيڻ جي راه ۾ مانع آهي. ۽ انهيءَ امڪان کي اوتري ئي تناسب سان تقويت ملندي، جيتريءَ حد تائين آنهن مقصدن ۽ خيالن جي طريقن کي، جن کي اهو تسليم ڪري ٿو، اوائلي معاشري ۾ ڪم ڪندڙ ثابت ڪري سگهبو. هن وقت تائين جنهن ديوتا جي موت ۽ نئين جنم سان اسان پنهنجو خاص واسطو ٻڌي رکيو آهي، سو وٽن جو ديوتا آهي. ۽ جيڪڏهن آءٌ هيءَ حقيقت ثابت ڪري سگهان ته ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رسم ۽ ان جي دوباره زنده ٿيڻ جي اعتقاد جو آغاز، انساني معاشري جي انهيءَ منزل تي ٿيو، جڏهن انسان شڪاري ۽ خانه بدوشي زندگي گذاري رهيو هو، ۽ ان وقت سندس مقتول ديوتا هڪ جانور هوندو هو، ۽ ان کان پوءِ ساڳيو ئي اعتقاد معاشري جي زرعي دؤر ۾ ۽ ملندو آيو، جڏهن مقتول ديوتا اناج، يا انساني صورت ۾ اناج جو نمائندو هوندو هو، ته پوءِ منهنجيءَ سمجهاڻيءَ جي صحيح هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو امکان اڃا ب ڪافي حد تائين وڌي ويندو. ان ڪاڻ، ڪي آڳ بعد ۽ سمجهاڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ انهيءَ بحث جي دوران ۽ اميد ته آڳ ڪن منجهيل ڪالهين جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس، جي اڃا صفائيءَ جون محتاج آهن. ۽ انهن اعترا ن جا جواب ب ڏينداس، جي پڙهندڙن جي دلين ۽ مطالعي جي دوران ۽ آڻيا هوندا.

اچو ته وري اتان شروع ڪيون، جتي ڇڏيو هوسون— يورپي ڪڙمن جون بهار واريءَ موسم جون رسمون. انهن رسمن کان علاوه، جن جو اسين اڳيئي ذڪر ڪري چڪا آهيون، ساڪي ئي خاندان سان واسطو رکندڙ رسمن جا پاڻ جوڙا موجود آهن، جن ۽ ڏيوتائي، يا فوق الفطري هستيءَ جو موت سندن سائن جو لمايان حصو هوندو آهي. انهن رسمن مان هڪ ۽، جنهن هستيءَ جو موت ڊرامائي انداز ۽ پيش ڪيو ويندو آهي، سو ڪارنيوال جو مجسمو هوندو آهي، ۽ ايءَ ۽، خود "موت" جو موت پيش ڪيو ويندو آهي. ڀرين رسم قدرتي طور ڪارنيوال جي آخر ۽ ادا ڪئي ويندي آهي، جا موج ۽ مستيءَ جي انهيءَ موسم جي اوڻين ڏينهن، يعني شروو- اگاري" تي يا "لينٽ"* جي ڀرين ڏينهن، يعني "اڇ- اربع" تي، هوندي آهي، ايءَ رسم جي تاريخ — يعني 'موت' کي ڪٿي وڃڻ، يا ڏکي ٻاهر ڪڍڻ، جيڪا ان کي عام طور سڏيو ويندو آهي — اهڙيءَ يڪسانيت سان مقرر ٿيل ڪانه آهي. اها گهٽو ڪري "لينٽ" جي چوٿين آرتوار تي هوندي آهي، جنهن تي ان کي "سرده آرتوار" جو نالو ڏنجي ويو آهي، ۽ ڪن هنڌن تي اهو ميلو هڪ هفتو اڳ ٿيندو آهي ۽ ڪن ٻين ملڪن،

* ايستر جي ڏڻ کان اڳ چاليهن ڏينهن جو اهو عرصو، جنهن ۾ آرتوار کان سواءِ هر روز نفس کي مارڻ لاءِ عيسائي مذهب وارا رزا رکندا آهن. انهيءَ عرصي جي شروعات اربع جي ڏينهن ٿيندي آهي، جنهن کي "اڇ- اربع" سڏيو ويندو آهي ۽ ان جو پويون ڏينهن اگاروَ هوندو آهي، جنهن کي "شيروو- اگاريءَ" چوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھڙوڪ ٻوهيما جي زيڪ نسل وارن لوڪن وٽ، هڪ هفتو ٻوءِ ۽ سوراويا جي ڪن جرمن لوڪن جي ڪوٽن ۾ ساڳيوئي ميلو ايسٽر ڪان ٻوءِ ايندڙ ڇهرين آرتوار تي ملهايو ويندو آهي. ٽي سڪهي ٿو ته، جيئن ڪن عالمن طرفان راءِ ڏني ويئي آهي، اوائل ۾ اها تاريخ ڦرندڙ گهرندڙ هجي ۽ ان جي تقرر جو دارومدار ٻهار جي موسم جي ڪنهن ڇهرين نقيب جي ظاهر ٿيڻ تي هجي. ڪن مصنفن جو رايو آهي ته اها رسم "سلئو" نسل جي لوڪن وٽان آيل آهي. 'گيرم' جو خيال هو ته قديم "سلئو" نسل وارن لوڪن وٽ اهو "نئين سال" جو ميلو هو، جو انهن جو سال مارچ ڪان شروع ٿيندو هو. اسين ڇهرائين 'ڪارنيوال جي دفن' جي سانگ تي غور ڪنداسون، جو ڪئلينڊر ۾ ٻئي واقعي ڪان اڳ ۾ ايندو آهي.

روم ۽ نيپلس جي آڏ تي، ليٽير ڊرڪٽي جي فروسينون شهر ۾ اطالوي ڪوٽاڻي زندگيءَ جي يڪسانيت، ڪارنيوال جي ڏينهن تي، قديم زماني جي ميلي جي صورت ۾، جنهن کي "رئڊيڪا" چيو ويندو آهي، ڊاڍي وٺندڙ نمونو سان ٽٽندي آهي. شام جو ڇهين ٻجي ڌاري، شهر جي ٻنڊ مزيدار ۽ وٺندڙ سُر وڄائيندي ماڻهن جي انبوهه سان گڏ "پيازا ڊيل پليبيسيٽو" ڏانهن ويندي آهي جتي "سب-پرفيڪچر" ۽ ٻيون سرڪاري عمارتون بيٺل آهن. هتي، چونڪ جي عين وچ ۾، تماشائين جون اميد پريون نظرون رنگا رنگي جهنڊن ۽ بيرڪن سان سينگاريل ڇهن گهوڙن واريءَ هڪ وڏيءَ گاڏيءَ سان ٽڪرائيندڙ آهن. انهيءَ گاڏيءَ مٿان هڪ وڏي ڪرسي رکيل هوندي آهي، جنهن جي مٿان 'ڪارنيوال' جو هڪ ۽ قوت ڊگهو، سرخ ۽ مشڪندڙ ڇهري وارو شاهي بت رکيل هوندو آهي، جو ڪوٽيءَ جو نهل هوندو آهي. من شاهاڻي شخصيت جي ٻاهرين صورت ۾ اهڙي ٿي عجيب و غريب نمونو سان سينگاريل هوندي آهي: سندس ٻرن ۾ هڪ وڏو ويڪرو ٿوٻو، مٿي تي ٽين جو هڪ ٽوپلو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙو انليءَ جا بحري فوجي آفيسر ٻاڏندا آهن ۽ بدن تي رنگ برنگ ڪپڙي جو ڪوٽ، جنهن تي عجيب و غريب شڪليون چاپيل هونديون آهن، هن جو ڪاپو هٽ آرام سان ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکيل هوندو آهي ۽ ساڃي هٽ سان هو شاهاڻي انداز سان تماشبينن کي سلام ڪندو ويندو آهي. ان جي ٻانهن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ هڪ ماڻهو سندس ڪرسيءَ پٺيان لڪو ويٺو هوندو آهي، ماڻهن جو هجوم، گاڏيءَ جي چوڌاري سمنڊ جي لهرن وانگر چڙهندو ايندو آهي ۽ خوشيءَ ۽ جوش وچان پنهنجا گلا ڦاڙي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪندو آهي، هرتسم جا ماڻهو، ساده دل خواه تيزمزاج، هڪڙي هنڌ ملها ٻيٽا هوندا آهن ۽ ڏاڍي جوش۽ خروش وچان "سالٽاريلو" ناچ نچندا آهن. هن ميلي جي خصوصيت هيءَ هوندي آهي تہ تماشائين مان هرهڪ کي پنهنجي هٿ ۾: "عودالطيب" جي ٻوٽيءَ جو وڏو ٻن ڪٽو ووندو آهي. جيڪڏهن ڪو به تماشائي انهيءَ ٻن کان سواءِ ميلي ۾ شامل ٿيڻ جي جرئت ڪندو آهي، تہ ان کي بيعزتيءَ سان ڏڪي مجمع مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، ۽ اهڙي ان جي بدران، جيڪڏهن هو هڪ وڏي لکڙي جي چوٽيءَ تي گوبيءَ جو وڏو گل يا، گاه مان عجيب و غريب نمونو سان ڪيل چوٽي ٻڌي مٿي ڪري ٻيهاريندو آهي، تہ ٻوءَ کيس ناچ ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت هوندي آهي. ماڻهن جو هجوم جڏهن انهيءَ گاڏيءَ کي "سب - پرفيڪچر" واريءَ عمارت اڳيان وڃي پهچائيندو آهي، تڏهن جلوس وارا ماڻهو ٻاهر بيهي رهندا آهن ۽ گاڏي هاطي جي پٿرن مٿان گڙگڙ ڪندي آهستي آهستي عمارت جي ايوان ۾ داخل ٿيندي آهي. ماڻهن مٿان ان وقت خاموشي طاري ٿي ويندي آهي ۽ سندن ڏيل آواز، هڪ اهڙي تماشائي جي بيان مطابق، جنهن اهو آواز پنهنجن ڪنن سان ٻڌو هو، اڃين معلوم ٿيندا آهن، جيئن طوفاني سمنڊ جو زوڪاٽ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. هينئر سيني جون اکيون دروازي ڏانهن ڪچي ويندیون آهن، جتان "سب - پرفيڪٽ" ۽ قانون جي جاه و جلال جا ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تماڻندا ٻاهر نڪري، وقت جي انهيءَ هيروءَ کي سلامي ڏيندا آهن، انتظار جي چند گهڙين کان پوءِ، نعرن ۽ تاڙين جو ڦهڪو شروع ٿي ويندو آهي، "سب-ارفيکٽ" ۽ ٻيا معززين ڏاڪن تان هيٺ لهي، ڪاڊي شان ۽ مان سان اچي جلوس ۾ شامل ٿيندا آهن. ان کان پوءِ مجمع جي ڪڏيل آواز ۾ 'ڪارنيوال' جو گيت گائيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ تماشائين جي نعرن جي زوردار گونج ۾ "عودالطيب" پوڻي جا وڏا ٻڻ، گوييون ۽ گاه جون چوٽيون هوا ۾ مٿي اڇلايون ويندیون آهن، جي اعليٰ ۽ ادنيٰ جي مٿن تي اچي ٽڪاءُ ڪنديون آهن، ۽ آهي وري هڪ ٻئي سان اچي ڀڻبا آهن ۽ خوب شور و غوغا بلند ٿيندو آهي. جڏهن اهي سڀ ابتدائي ڪارروايون هرڪنهن جي مرضيءَ مطابق پوريون ٿيندیون آهن ۽ سيني جي دل خوشيءَ وچان اڇلون ڏيندي آهي، تڏهن جلوس اڳتي وڌندو آهي، جلوس جي آخر ۾ هڪ گاڏي هوندي آهي، جا شراب جي وڏن ٻين ۽ پوليس جي سپاهين سان ڀريل هوندي آهي، جي دل کولي اهڙن سيني ماڻهن کي شراب جا جام پري ڏيندا ويندا آهن، جي ٻيءَ جا مشتاق هوندا آهن، ۽ هوڏانهن گاڏيءَ جي پويان ماڻهن جو ٻي ڦناه هجوم، سرڪاري خرچ تي مدهوش ٿيڻ جي موقعي مان گهٽي کان گهٽو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ، هڪ ٻئي جي مٿان ڪرندو، ڪرندو، ٽاڙيندو، ڪاريون ۽ گند ڪيندو، رڙيون ڪندو ۽ هڪ ٻئي کي ڏڪ ڏوڪيندو، خوشيءَ وچان اهي سڀ ڪاليهون برداشت ڪندو، اڳتي وڌندو رهندو آهي. آخرڪار، جڏهن جلوس شهر جي مکيه گهٽين ۽ رستن تان اهڙي شان ۽ شوڪت سان ڦري ايندو آهي، تڏهن 'ڪارنيوال' جي مجسمي کي چونڪ جي وچ تي ڪٽي ويندا آهن، جتي سندس سڀ کپڙا لاهي، ڪيس ڪاڻين جي ڊير تي رکي، باهه ڏيندا آهن. تماشائي پوءِ 'ڪارنيوال' جو راکب ڀائيندا آهن ۽ "عودالطيب" جا ٻن مجسمي جي ڇڪيا تي اڇلائي، هڪ دفعو وڌيڪ مستيءَ ۽ مدهوشيءَ ۾ نچن، ۽ عيش جو داد ڏيڻ شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن.

ابروزيءَ ۽ چار گورڪن، جن جي وات ۽ شرابون ۽ ڪمر پٽن ۽ شراب جون بوتلون لٽڪندڙ رهنديون آهن، دفتريءَ مان ٻيل "ڪارنيوال" جو بت ڪٽي هلندا آهن. جلوس جي اڳيان "ڪارنيوال" جي زال، ماتمي ڪپڙا پائي، روئندي رڙندي هلندي آهي. ٽورو اڳيرو هلي، جلوس ۾هي رهندو آهي ۽ "ڪارنيوال" جي زال ۽ ملڪ کي مخاطب ٿي همدرديءَ لاءِ اپيل ڪندي آهي ۽ گورڪن ۾هنجي نفس کي راضي ۽ تازي ڪرڻ لاءِ بوتل مان ڊڪ پرينداآهن. شهر جي چوڪ ۽ 'ڪارنيوال' جي بت کي ڪالين جي چڪيا تي رکيو ويندو آهي ۽ ڪوس ڌهلن جي ڏما ڏم، زالن جي رڙين ۽ چيخن، ۽ مردن جي ڪري ۽ گهڪهي آواز جي وچ ۽ باهه لڳائي ويندي آهي. جيستائين بت سڙندو رهندو آهي، تيستائين تماشائي هڪ ٻئي تي ڪاڙها پکل ۽ ٻر اڇلائيندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري سانگ رچائيندڙ "ڪارنيوال" جو بت گاهه مان ٺاهي، هڪ ڏکي لکڙي تي چاڙهي شهر جي سڀ رستن ۽ گهٽين مان ٻن ٻهرن کان ٻوءِ گهمائيندا آهن. شام جي وقت جلوس مان چار چٽا هڪ چادر يا سوڙ ڪٽي چٽن ڪپڙن کان ٻڪڙي، چڪي جهلي ٻيهندا آهن ۽ "ڪارنيوال" کي ان ۽ ڪيرائيندا آهن. جلوس وري اڳتي وڌندو آهي ۽ تماشائي ڪوڙا ڪوڙها ڪاڙيندا ويندا آهن. ۾هنجي ڏک ۽ اضافي ڪرڻ لاءِ ٽالهيون ۽ گهنڊ وڄائيندا هلندا آهن. ڪڏهن وري ابروزيءَ ۽ مٽل "ڪارنيوال" جو ڪردار جيڪو ماڻهو ادا ڪندو آهي ۽ ڪفن جي صندوق ۽ سمهندو آهي. هڪ ٻيو ماڻهو ادريءَ جو پارٽ ادا ڪندو آهي ۽ غسل ڪرڻ جي ٽب مان مڙدي مٽان پاڻي هاري، مقدس پاڻيءَ جي چنڊن وجهن جو ڊونگ ڪندو آهي.

ڪٽالونيا ۽ ليريڊا وٽ، هڪ انگريز ۱۸۷۷ع ۽ 'ڪارنيوال' جو سوٽ ڏنو هو. 'ڪارنيوال' جي ٻوڌين آرنوار ڏينهن هڪ شاندار جلوس ڪڍيو ويو هو، جنهن ۽ پيادہ ۽ گهوڙيسوار فوجي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن قسمن جا نقاب پوش، ڪي گھوڙن تي، ته ڪي گاڏين
۾، اعلىحضرت پاڻوهي، جيڏن مجسمي کي سڏيو ٿي ويو، جي
شهر جي اهم رستن ۽ گھٽين مان شاهاڻي سواريءَ جي پيشوائي
ڪندا ٿي هليا. ڏن ڏينهن تائين جشن ۽ خوشيون هلنديون
رهيون ۽ ڪارنيوال جي پوئين ڏينهن اڌ رات وقت، ساڳيو
ٿي جلوس گھٽين مان لنگهيو، ۽ آن دفعي ٻئي ڊنگ ۽
مختلف مطلب سان. شاهاڻي گاڏيءَ جي پاڻ هن دفعي هڪ
تابوت سان هيو، جنهن ۾ اعلىحضرت جو لاش رکيل هو.
جن نقاب پوشن هن کان اڳ غلط ڪار طالبعلمن جو ڪردار ادا
ڪيو هو، ۽ جن هڪ ٻئي ٻيان جڙجن ۽ پوڳن جي ٻڙ لاڻي
ڏني هئي، سي هينئر پادرين ۽ پشپن جي وردين ۾ ملبوس ٿي،
هٿن ۾ مشعلون کڻي ۽ مرثيه گائيندا، قدم بقدم اڳتي هلندا ٻئي
آيا. سڀني کي ڪارا ڪپڑا پيل هٿا ۽ گھوڙيسوارن کي هٿن
۾ برينل مشعلون هيون. شاهي رستي جي ٻنهي پاسن تي ستن ۽
اٺن ماڙين، ۽ ويڪرين ۽ شاندار ڇجهرين وارين بلند عمارتن
جي دربين، گئلرين ۽ ڪوٺن تان ماڻهن جا هشام، عجيب و
غريب ريشمي نقاب پائي، نظارو ڏسي رهيا هٿا. هيءَ عجيب
جلوس ڏاڍي سنجيدگيءَ سان قدم بقدم اڳتي وڌندو رهيو. سڄي
جلوس مٿان برينل مشعلن ٻرا پاڇا ۽ شعاع پوندا رهيا، ڪاڙهيون ۽
ٽيلهون ٻينگالي هوڙيون سڙندیون ۽ وسامنديون رهيون. گھوڙي جي
سٽبن ۽ ماڻهن جي قدمن جي گڏيل آوازن جي وچ مان پادرين جي
مرثين جو آواز صاف پڌڻ ۾ اچي رهيو هو، انهن سڀني آوازن
وچان فوجي بئنڊ جي دهلن مان جيڪو رکي، رکي ڏيل ۽
ماتمي آواز لڪي رهيو هو، سو اڃان مخصوص اثر ڇمائي رهيو هو.
شهر جي وڏي چونڪ وٽ پهچي جلوس هڪ هنڌ ٻڌي رهيو،
۽ مرحوم "پاڻوهي" جي جنازي مٿان هڪ زوردار تقرير ڪئي
ويئي ۽ سڀ روشنايون گل ڪيون ويئون. هڪدم جلوس مان
شيطاڻين ڪري ٻاهر ڪڍيا ۽ جنازي کي کڻي وڃڻ لڳا، تماشبين رڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ دانهون ڪندا، انهن جي بيان ٻڌا ۽ آخرڪار اهي شيطانن کان جنازو کسڻ ۾ ڪامياب ٿيا. شيطانن تي قبضو ڪري، ڪين پڇايو ويو ۽ بت کي هڪ ٽبر ۾ دفن ڪيو ويو، جا ان لاءِ اڳواٽ ئي تيار ڪئي ويئي هئي. اهڙي طريقي سان "لبريڊا" وارو ڪارنيوال سنہ ۱۸۷۷ع ۾ مٿو ۽ دفن ڪيو ويو.

ساڳي ئي قسم جي هڪ تقريب "پراوينس" ۾ 'ائش- اربع' ڏينهن ملهائي ويندي آهي. 'ڪئرامانٽران' نالي هڪ مجسمي کي، جنهن کي ٻي ڏنگي نموني جا ڪپڙا ڏکايا ويندا آهن، گاڏي ۾ يا- ماڻهن جي ڪلهن تي ڪنيو ويندو آهي ۽ ڪيس جلوس جي صورت ۾ سڄي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان ڦيرايو ويندو آهي. جلوس ۾ شامل ٿيل سڀني تماشائين کي، اهڙي ئي قسم جا ٻي ڏنگا ڪپڙا ٻيل هوندا آهن ۽ هرهڪ جي هٿ ۾ شراب جو هڪ ڏول هوندو آهي، جنهن مان هو وقت بوقت سرڪي پيندو ويندو آهي ۽ ائين ڏک ڏيندو آهي ته ڪيس ڏاڍو نشو آهي. جلوس جي منهن ۾ ڪي ماڻهو ججن ۽ بئريسٽرن جي پوشاڪ ۾ هوندا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ڏکوئيندڙ سنهو ۽ ڏهرو ماڻهو هوندو آهي، جوخود "لينٽ" جو ڪردار ادا ڪندو آهي. انهن جي پٺيان وري نوجوانن جو هڪ ٽولو هوندو آهي، جنهن ۾ شريڪ ٽيل سڀني ماڻهن کي قائل ڪيڙا ٻيل هوندا آهن ۽ اهي ڏهرن گهوڙن تي سوار هوندا آهن، ماتمي ٽولي جا اهي ماڻهو اهڙو ڏونگ ڪندا آهن، جو ته ڪين 'ڪئرامانٽران' جي اهڙي دردناڪ انجام تي سخت افسوس ۽ ارمان آهي. شهر جي سڪيه چوڪ ۾ جلوس ختم ٿيندو آهي، جتي هڪ عدالت تجويز ڪئي ويندي آهي، 'ڪئرامانٽران' کي جوابدار جي پنجري ۾ ڪڙو ڪيو ويندو آهي. ٽوري ۽ ڪارروائي ۽ پڇاڻا ان کي موت جي سزا ڏني ويندي آهي، جنهن تي هجوم آه و بڪا بلند ڪندو آهي، جنهن بئريسٽر جوابدار جو بچاءُ ڪيو هوندو آهي، سو ڪيس آخرين ٻار وڃي ڪري ٻاڌندو آهي ۽ ٻوءِ انصاف ۽ عدل جي تڪميل ڪندڙ آفيسر پنهنجي فرض ادائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن. سزايافتہ جوابدار کي پٽ ڏانهن. پٺي ڪري. ٻڌاريو ويندو آهي. ۽ جلد ئي ڪيس پٽرن سان پورو ڪري، سندس جيڪريل ۽ چٽيل لاش کي پر واري سمنڊ يا درياهہ ۾ اڇلايو ويندو آهي. آرڊيننس جي قريباً سڀني علائقي ۾ "ائش-ٽري" ڏينهن اهو رواج هو، ۽ اڄ ب موجود آهي، ته هڪ مجسمو، جنهن کي 'ڪارنيوال' جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي، سو باهہ ۾ ساڙيو ويندو آهي ۽ ان وقت سوزون منتر آلاپيا ويندا آهن. ڪوشش ڪري مجسمي جي شڪل ڪوٺ جي اهڙي ماڻهوءَ جي صورت سان مشابهت رکندڙ ٺاهي ويندي آهي، جو پنهنجيءَ زال سان بيوفا ثابت ٿيو هوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ گهريلو جهيڙن ٿين جو ڪافي انديشو رهندو آهي، خاص طرح جڏهن اهو مجسمو انهيءَ رنگين طبيعت واري دوڪيباز جي گهر اڳيان ساڙيو ويندو آهي، جنهن جو اهو همشڪل هوندو آهي. مجسمي کي باهہ لڳڻ وقت حاضرين مان طعنن، لعنت، ملامت ۽ ڦٽڪار جي آوازن بلند ٿين سان گڏوگڏ ڪي سُريلا آواز ب ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جن مان ثابت ٿيندو آهي ته واسطيدار ماڻهوءَ جي خانگي ۽ شخصي اخلاقن جي باري ۾ سندس گوانڍين، واقفڪارن، همسايين، دوستن ۽ عزيزن جي دلين ۾ کهڙو رايو آهي. آرڊيننس جي ڪن ڪوٽن ۾، هڪ جيڙو جاڳندو نوجوان، جنهن کي سڪل گاه ۽ پلال جو لباس پارايو ويندو هو، "شروو-اگاري". ڏينهن "ماردي گراس" (جنهن نالي سان ڪارنيوال کي فرانس جي اڪثر علائقن ۾ سڏيو ويندو آهي) جو ڪردار ادا ڪندو هو. ڪيس هڪ نقلي عدالت جي روبرو پيش ڪيو ويندو هو، جتان ڪيس موت جي سزا ملندي هئي. ان کان پوءِ ڪيس ديوار ڏانهن پٺي ڪرائي ٻڌاريو ويندو هو ۽ جهڙيءَ طرح هڪ فوجيءَ کي گولي هڻي ماريو ويندو آهي، تهڙيءَ طرح ڪيس خالي ڪارتوس هڻي، مارڻ جو سانگ رچايو ويندو هو. ورجينا يونيورسٽي شهر ۾ "ٽايري" نالي هڪ اهڙي ٻي ضرر مسخري کي محض هڪ اتفاق سان گولي لڳي ويئي، جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلطيءَ کان بندوق اندر رهجي ويئي هئي ۽ هو آفت مري ويو هو. جڏهن ويچارو "شروو- اگاروَ" گوليءَ لڳڻ سبب ڪري پيو، تڏهن تماشائين مان ڊير تائين زوردار تاڙين جي ڦهڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. چاڪاڻ ته هن ٻنهنجو ڪردار اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان هلڪل قدرتي نموني سان ادا ڪيو، جو سڀني حاضرين کي پسند آيو. ۽ جڏهن هو گهٽيءَ ڊير تائين اٿيو ئي ڪونه، تڏهن سڀئي تماشائي آڏي ڊالهنس ڏوڙيا، ۽ چا ڏسن ته هو مئو پيو آهي، ان کان پوءِ آرڊ ينس ۽ وري کوڙ اهڙو سانگ نه رچايو ويو آهي.

نارمنڊي ۽ "اٺش- اربح" جي شام جو هڪ اهڙي تقريب ملهائي ويندي هئي، جنهن کي "شروو- اگاري جو دفن" ڪوٺيو ويندو هو. هڪ ميرو ۽ گندو ٻوتو، جنهن جو جسم ٿورين گهٽين ليڙين سان اڌورو ڍڪيل هوندو هو، ۽ جنهن جي مٿي ۽ هڪ ڪالر، ڪنل ٽوپاو پيل هوندو هو، جنهن کي زور سان دٻائي، سندس ميري ڇهري کي اڌورو ڍڪيو ويندو هو، ۽ جنهن جي وڏي ۽ گول پيٽ کي گاهه سان پريو ويندو هو، سو آنهيءَ بيعزت، ۽ پوڙهي فضول خرچ جي نمائندگي ڪندو هو، جو هڪ ۽ افلاس جو ڏکيو عرصو گذارڻ کان پوءِ، هينئر پنهنجن گناهن جي سزا پوڳهه وارو هو. هڪ دفعي "ڪارنيوال" جي انهيءَ مقبول عام نمائندي، جنهن کي هڪ ٽلهي ۽ متاري ماڻهوءَ جي ڪلهن تي سوار ڪيو ويو هو، جو سندس هار هيٺان ڏيجي، ڏڙڪ ۽ ٽاپڙ جو ڏونگ ڪري رهيو هو، آخرين هار هڪ اهڙي جلوس جي صورت ۾ شهر جي رستن ۽ گهٽين مان چڪر هنيا، جنهن کي فاتحانه جلوس نه چئي سگهبو. جلوس جي اڳيان هڪ ڏهلاري هلندو هو ۽ ان ۾ شهر جا رولو چورا، لوفر، لفنگا، بيڪار ۽ بدمعاش وڏي تعداد ۾ اڇي ڪٽا ٽيندا هئا، جي بت کي ٽالهين، جمڙن، ڏلن، سگن ۽ جانهه دانين جي ٻي سڙي شور، نعرن ۽ سيٽين جي گڏيل غوغا ۾، ڪلهن تي کڻي، مشعلن جي جهڪيءَ روشنائيءَ ۾ شهر ۾ ڦيرائيندا هئا، رکي رکي جلوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيهي رهندو هو۽ ماڻهن منجهان هڪ چئو، جنهن کي اخلاق ۽ نيڪيءَ جو علمبردار ٽايو ويندو هو، باهر نڪري، دل شڪستہ ۽ پوڙهي گنهگار تي گذريل زماني جي سڀني گناهن جا الزام مڙهيندو هو، جن جي پاداش ۾ ڪيس ان وقت جيڙو باهم ۾ جلايو ويندو هو. جوابدار پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ ۽ نہ چئي سگهندو هو، جنهن ڪري ڪيس گاه جي ڏڪ مٿان اچلايو ويندو هو، جنهن کي هڪدم باهم ڏني ويندي هئي. باهم جي شعلن ايرڻ سان گڏ، ننڍا وڏا، خوش ٿيندا، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا ۽ 'ڪارنيوال' جا پراڻا گيت گائيندا وتندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن وري بوتي کي ساڙڻ کان اڳ، ان کي ڪنهن ٺڳيءَ جي لاهيءَ تان گسڪائي هيٺ اچلايو ويندو هو. "سينٽ لو" ۽ 'شروو-اگاري' جي ڏنڙيل بوتي جي ٻيان سندس ٻيوه ايندي هئي، جا درحقيقت هڪ ڏنڊو مشڪندو لفنگو هوندو هو، جنهن کي ماتم جا ڪارا ڪپڑا پارايا ويندا هئا ۽ جو وقت بوقت ٽلهي ۽ گهگهي آواز ۾ افسوس ۽ غم جي اظهار جو ڊونگ ڪندو ايندو هو. بوتي کي سجي شهر جي گهٽين ۽ رستن تان گهمائي ڦيرائي، سندس نقاب پوش ڪانڈي آخرڪار ڪيس واپر درياه ۾ اچلائيندا هئا. اهڙي قسم جي آخرين تماشي جو مفصل بيان منڊم اوڪينوفليت ڏنو آهي، جنهن اهو جلوس نڍيءَ جمار ۾ اٽڪل ست سال اڳي پنهنجين اکين سان ڏنو هو. "منهنجي والدين پنهنجن ڪن دوستن کي 'جين ڪولارڊ' جي سنارن تي وهي ماتمي جلوس ڏسڻ لاءَ مدعو ڪيو هو. آڻي ليمونيڊ جون سرڪيون ڀريندي — چاڪاڻ تہ روزي هٿ سبب فقط ليمونيڊ پيٽ جي ئي اجازت هئي— اسان شام جي وقت اهڙو نظارو ڏنو، جنهن جي يادگيري مون کي زندگيءَ تائين تازي رهندي. اسان جي هيٺان واپر درياه پنهنجي پراڻي پٿريلي پل هيٺان وهي رهيو هو. پل جي وچ تي پنن ۽ ڪلن سان ڍڪيل "شروو-اگاري" جو بت رکيو هو، جنهن جي چوگرد ڪيترا نقاب پوش هٿن ۾ مشعلون جهلي نچندا ۽ گائيندا، هيڏانهن هوڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊوڙي رهيا هئا. انهن منجهان وري کي، رنگا رنگي ڪپڙن ۽ ملبوس ۾ جي مٿين ڪناري تان ٽنڊڙن شمطائن وانگر ڊوڙي رهيا هئا، ٻيا وري ڏ ڪ ڊوڙ ۾ تماشي کان ٽڪجي، ٽنين جو سهارو ولي، ٻنڪيون ڪائي رهيا هئا. جلد ئي ناچ ختم ٿيو ۽ تماشائين منجهان ڪن بوتي کي باه ڏيڻي ولي درياه ۽ ڦڙو ڪيون ان وقت جيڪو هل ۽ شور و غوغا ڪيو ويو، تنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. بوتي کي جو روغن لڳل هو، ان کري اهو وار درياه جي وهڪري ۾ هرندو ۽ تيزيءَ سان هيٺ لهندو ويو ۽ ان جي روشنائيءَ ۾ درياه جي ڪنارن وارا جهنگ، ۽ ٽلهي جي ڦصيل، ۽ سنڌس برج، جن جي اندر ڪنهن زماني ۾ لوئيس يارهين ۽ فرٽنسس ٻهرين مٽيون نندون ڪيون هيون، جن تي هري رهيا هئا. سڙندڙ بوتي جو آخرين شعاع، وادي جي ارين ڪناري وٽ، ڪرندڙ تاري وانگر جڏهن غائب ٿي ويو، تڏهن نقاب پوش ۽ تماشائي هڪ، هڪ ٿي، ۽ گروهن جي شڪل ۾، اتان غائب ٿيندا ويا ۽ اسين ۽ ٻيا مهمان سان گڏ اتان اٿي وياسون."

ٽوبنجين جي ويجهڙائيءَ ۾، "شروو-اگاري" ڏينهن ڪڪن جو هڪ ٻوٽو ٿاهيو ويندو آهي، جنهن کي "شروو- ٽائيڊ" رچ سڏيو ويندو آهي. ڪيس هراڻي پٽلون پاڻائي ويندي آهي ۽ آچيءَ ۾ تازي رت سان پريل ۽ ڦوهارا رکيا ويندا اٿس. ڦوڻ رچ تي رسمي طور الزام مڙهيا ويندا آهن، جن جي سزا طور سنڌس سسي ڏڙ کان ڌار ڪري، سڄي لاش کي هڪ صندوق ۾ بند ڪيو ويندو آهي، جنهن کي "اٿش-اربع" ڏينهن تي ديول جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. نهيءَ رسم کي 'ڪارنيوال جو دفن' چوندا آهن. ٽرانسلوانيا جي ڪن سڪسن قبيلن وارا 'ڪارنيوال' کي قاسي ڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح هراڙ وٽ، اٿش اربع يا شروو- اگاري ڏينهن، بنان ڏيڻ جي هڪ گاڏيءَ ۾ ٻه اڇا ۽ ٻه مشڪي گهوڙا ٻڌا ويندا آهن ۽ ان تي گاهم مان ٺهيل هڪ بوتي کي اڇن ڪپڙن سان ڍڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو ويندو آهي، ٻوتي جي پاسي ۽ گاڏيءَ جو هڪ ڦيٿو رکيو ويندو آهي، جو ڦرندو رهندو آهي، ۽ چوڪرا ٻوڙهن جي ڪپڙن ۽ ملبوس، ٻنان ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ جي پٺيان روڙندا ۽ ماتم ڪندا اينداآهن. ڪوٽ جا باقي چوڪرا، گهوڙن تي سوار ٿي، ۽ رنگ برنگي پٽين سان سينگاريل جلوس سان گڏ هلندا آهن، جنهن جي اڳيان ۽ چوڪريون هونديون آهن، جن کي متي تي سدا ساون ٻڌن جا تاج پيل هوندا آهن ۽ ڪين هڪ گاڏي يا، ٻنان ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ ويهاري نيون ويندو آهي. ۽ هيٺان وهي مقدمون هلايو ويندو آهي، ۽ فوجين جي ڪپڙن ۽ ملبوس چوڪرا موت جو فيصلو سڻائيندا آهن. ٻوڙهن جو سانگ ڪندڙ ۽ چوڪرا گاهه جي ٻوٽي کي چڏائن، ۽ ٻوءَ ساڻس پڇي وڃ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ ان مان ڪوءَ فائدو ڪونہ ٿيندو اٿن. ٻئي چوڪريون ٻوٽي کي پڪڙي وجهنديون آهن ۽ ڪيس جلاد جي حوالي ڪنديون آهن جو ڪيس وڻ ۽ لٽڪائيندو آهي. ٻئي ٻوڙها وڻ تي چڙهي، ان کي بچائڻ جي بيسود ڪوشش ڪندا آهن، ۽ هر دفعي وڻ تان تيرڪي هيٺ ڪرندا آهن ۽ آخرڪار زمين تي ويهي، روئندا رڙندا ۽ قاميءَ تي لٽڪيل گنهگار لاءِ ماتم ڪندا آهن. ان کان پوءِ هڪ آفيسر تقرير ڪري حاضرين کي ٻڌائيندو آهي تہ 'ڪارليوال' کي موت جي سزا ان ڪري ڏني ويئي هئي جو هن کين ضرر پهچايو هو، سندن جٽيون گسائي، کين نند ۽ مٽلا ڪيو هئائين. ليچرين ۽، هڪ مرد کي زنا، ڪپڙا ماتمي پهرائي، چار ماڻهو ڪاٺيءَ تي کڻي هلندا آهن، پٺيان وري ٻيا ماڻهو عورتن جي ماتمي ڪپڙن ۽ ملبوس، سندس ماتم ڪندا اينداآهن ۽ ٻوتي کي ڪوٽ جي چيٽي جي ڀير وٽ آڻي ڦٽو ڪندا آهن. ٻوءَ کيس پاڻيءَ سان پڇايو ويندو آهي ۽ مٽائيس گاهه ۽ پلال ڦٽو ڪيو ويندو آهي. "شروع اڳاري" ڏينهن، ايستونيا جا رهاڪو گاهه جو ٻوتو ٺاهيندا آهن، جنهن کي هو 'ميٽسڪ' يا ٻيلي جو ديوتا سڏيندا آهن. هڪ سال کيس مردن وارو ڪوٽ ۽ ٽوپلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارايو ويندو آهي، ته ٻئي سال وري زنانه ٻيٽي ڪوٽ ۾ ٽوپلا پارايا ويندا آهن. ٻوتي کي هڪ ڏڳهي لڪڙي ۽ انڪائي، مٽي جهلي، سڄي ڪوٽ جي سرحدن اندر ڦيرايو ويندو آهي. جلوس ۾ شامل ٽيل سڀ ماڻهو خوشيءَ وچان رڙيون ڪندا ويندا آهن ۽ آخرڪار ان کي ٻاهر ۽ هڪ ڏڳهي وڻ جي چوٽيءَ ۽ لٽڪايو ويندو آهي. انهيءَ رسم کي هرقسم جي آفات کان محفوظ رهڻ لاءِ ادا ڪيو ويندو هي.

"شروو- ٽائيپ" وارين انهن رسمن جي ادائگيءَ وقت ڪن ڪن موقعن تي مٽل ماڻهوءَ کي دوباره زنده ڪرڻ جو سانگ رچايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سوايا جي ڪن علائقن ۽ "شروو- اگاري" ڏينهن "ڊاڪٽر فولادي ڏاڙهي" بيمار جي رت چوڙڻ جو ڊونگ ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ اهو ماڻهو زمين تي ڪري، مري ويندو آهي. ۽ آخرڪار، اهو 'ڊاڪٽر' سندس وات ۽ نڪيءَ مان هوا ڦوڪي، کيس جيئرو ڪري وجهندو آهي. هارز جبلن جي علائقي ۾، 'ڪارنيوال' ختم ٿين کان پوءِ، مقامي ماڻهو پاڻ مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ کي الي ڪوهن جي 'ٽب' ۽ سمهاري، مائم ڪندا، کيس قبرستان ڪٽي ويندا آهن، جتي کيس دفن ڪرڻ بدران، قبر ۽ برانديءَ جي گلاس کي دفن ڪندا آهن. ان کان پوءِ تقريرون ڪئي ويندي آهي ته ماڻهو ڪوٽ موڪلي ويندا آهن، ۽ ڪوٽ جي چراگاهن وٽ ڪٽا ويندا آهن. سيني کي ڪڙ جا پائيپ چڪن لاءِ ڏنا ويندا آهن، جيڪي مائم جي اهڙن موقعن تي عام طرح استعمال ڪيا ويندا آهن. وري ٻئي سال "شروو- اگاري" تي برانديءَ جو اهو گلاس قبر مان ڪڍيو ويندو آهي، ۽ حاضرين مان هرهڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ پراڻي شراب مان ڏڪ ڏيڻ ويندو آهي. ماڻهو چوندا آهن ته شراب دوباره زنده ٿيو آهي ۽ نئين سال جي ميلي جي شروعات ان سان ڪئي ويندي آهي.

۳- موت کي ٻاهر ڪڍڻ: "موت کي ٻاهر ڪڍڻ" جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقريب ۾ جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندیون آهن، تن جو نمونو ۽ گهٽو ڪري اهڙو ئي آهي جهڙو "ڪارنيوال کي دفن ڪرڻ" وارين رسمن جو، فرق رڳو هي هوندو آهي ته موت کي ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ هڪ بي رسم ادا ڪئي ويندي آهي جنهن جو مطلب 'اونهاري' يا 'بهار يا 'زندگي' کي واپس آڻڻ جو هوندو آهي، اهڙي طرح ٻوبريا جي هڪ صوبي ۾، مڊل فرٽنڪن ۾، "لينٽ" جي چوڻين آرتوار تي ڪوٽ جا چوڪرا گاه مان 'موت' جو هڪ مجسمو ٺاهيندا آهن، جنهن کي آهي ڏاڍي شان و شوڪت سان ڪوٽ جي گهٽين ۾ رستن تان گهمائي، ڪوٽ کان ٻاهر ڪڍي ويندا آهن، جتي کيس وڏي هل ۽ هنگامي سان ساڙيندا آهن. سورهين صدي عيسويءَ جي هڪ ليکڪ، فرٽنڪن، انهيءَ رسم جو هيءَ بيان لکيو آهي: "'لينٽ' جي اڏ ڏاري، جڏهن ديول طرفان خوشيءَ ملهائڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، تڏهن منهنجي ڪوٽ جا چوڪرا گاه مان 'موت' جو بوتو ٺاهي، ان کي لڪڙي سان ٻڌي، ٻاسي وارن ڪوٽن ڏانهن ڦيرائڻ لاءِ ڪڍي ويندا آهن، جتي ڪي ماڻهو سندن آجيان ڪندا آهن، ۽ کين آنهيءَ موسم جو ڪاڏو، جهڙوڪ ڪوڙ، مٽر ۽ سکل زردالو ڪارائي، واپس گهر روانو ڪندا آهن. ڪي وري کين بدقسمتيءَ جا پيغامبر سمجهي، چو جواهي ٻاڻ سان گڏ 'موت' ڪڍي ايندا آهن، سندن بيعزتي ڪندا آهن ۽ کين مار ڪٽي، يا هٿيار ڏيڪاري، ڪوٽ مان ٻاهر هڪالي ڪيندا آهن." ارلٽنگين ۾ "لينٽ" جي چوڻين آرتوار تي، ڪوٽ جون سڀ چوڪريون ٻنهنجا بهترين ڪپڙا پهري، مٽي جي وارن ۾ گل وجهنديون هيون. اهڙيءَ طرح سينگار ڪري، آهي پر واري شهر ڏانهن ويندیون هيون ۽ ٻاڻ سان گڏ آهي گڏا ۾ ڪڍي ويندیون هيون، جن کي ساون پنن سان سينگاري، اڇن ڪپڙن ۾ ويڙهيندیون هيون. پوءِ آهي ٻ ۾ ٽي، گڏن کي در در گهمائيندیون هيون ۽ راڳ گائيندیون ويندیون هيون، جنهن جو مطلب ۽ معنيٰ هيءَ هوندي هئي ته "لينٽ" جو اڏ گذري چڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ؟ اسين موت کي ڀاڻي٘ ۽ اڇلڻ واريون آهيون. اهڙي٘ طرح خيرات ڏڻ ڪارڻ ڪان پوء، آهي سيٻٽي ڏڻ ٿي، ريگنيز ڊ رياه تي ويندڙون هيون، ؟ 'موت' جي نمائندن، ڏڻن کي وهندڙ ڀاڻي٘ ۽ آڇلائيندڙون هيون. انهي٘ رسم جو مقصد پرهور فصل ۽ سٺائي سال آڻڻ جو هوندو هو، ان کان علاوه ان کي بيماري٘ ؟ اوچتي موت جي خلاف حفاظتي قدم ۽ سمجهيو ويندو هو. نيوريمبرگ جون ستن سالن کان وٺي ارڙهن سالن جون سپ چوڪرين کفن جي هڪ ننڍي، ڪليل صندوق ڪٽي گهمنديون ۽ گهمنديون آهن، جنهن جي تري ۽ چادر هيٺان لڪل هڪ ڏڙو رکيل هوندو آهي. ٻين وري وڻ جي هڪ ٽاري٘ جي چوٽي٘ وٽ هڪ صوف ٻڌي، ان کي ڪليل صندوق ۽ رکي گهمائيندڙون آهن ؟ هي گيت ڳائيندڙون ويندڙون آهن ته، "اسين 'موت' کي ڀاڻي٘ ڏانهن ڪٽي وڃي رهيون آهيون—ڪهڙي نه چڱي ڳالهه آهي اها" ۽ يا "اسين 'موت' کي ڀاڻي٘ ڏانهن ڪٽي ٽيون وڃون: ؟ ڪيس وري، وري اندر ؟ باهر ڪٽي ٽيون وڃون." ٻوريا جي ڪن علائقن ۽، ويندي سنه ۱۷۸۰ع تائين ماڻهن جو اهو اعتقاد هوته جيڪڏهن "موت کي باهر ڪڍڻ" جي رسم ادا ڪائ ڪئي ويندي ته، پوه کو مهلڪ وڇڙندڙ مرض ڳوٺ مٿان نازل ٿيندو. ٽورلجين جي ڪن حصن ۽ "لينٽ" جي چوٽين آرتوار تي، ڳوٺ جا چوڪرا نديون ؟ ڪڇڙين تارين مان ڪڏو ٺاهي ڳوٺ ۽ گهمائيندا هٿا ؟ بعد ۽ انڪي تلاه ۽ ڦڙو ڪندا هٿا. سانڀ ٿي هي گيت ڳائيندا هٿا "اسين پوڙهي 'موت' کي ڏ نار جي پراڻي گهر جي پرين پاسي ڪٽي وڃون ٿا، اسان 'اونهاري' کي هٽ ڪيو آهي ؟ ڪروڌين(؟)* جي طاقت ناس ٿي ويئي آهي." گيرا جي نزديڪ، ڊيشوٽز وٽ، "موت کي باهر ڪڍڻ" جي رسم هر سال مارچ مهيني جي پهرين تاريخ تي ادا ڪئي ويندي آهي، يا ادا ڪئي ويندي هئي. ڳوٺ جا نوجوان گڏ ٿي، ڪکن، ڦن ؟ پلال مان هڪ پوتو ٺاهي، ڪيس پراڻن ڪپڙن ۽

* هيءُ سوالیہ نشان اصلي ڪتاب ۾ انهيءَ هنڌ ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي، جي هنن ڪوٽ جي گهرگهر مان ڦٽيا هوندا آهن، ڪوٽ کان ٻاهر ڪٽي وڃي درياه ۾ ڦڙو ڪندا آهن. اتان واپس اچي، اهي ڪوٽ وارن کي اها خوشخبري ٻڌائيندا آهن ته، اهي 'موت' کي ٻوڙي آيا آهن، جنهن تي ڪوٽ وارا ڪين آنا ۽ ٻيو ڪاڏي جو سامان انعام طور ڏيندا آهن، اعتقاد اهو هو، يا اڃا ۽ آهي، ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ ڪري ڪوٽ مان بيماري ۽ ڪڪ دور ٿيندي ۽ ڪوٽ پاڪ ٿي ويندو. ٽورنجين جي ٻين ڪوڻن ۾، جتان جي اڪثر آدم شماري اصل ۾ "سلئو" نسل جي آهي، ٻوتي سان گڏ هڪ گيت آلاپيو ويندو آهي، جنهن جو هي ٽل آهي: "هاڻي اسين 'موت' کي ڪوٽ مان ٻاهر ڪڍون ٿا ۽ 'بهار' کي وڃي اچون ٿا." سترهين صدي عيسويءَ جي آخر، ۽ ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾، ٽورنجين ۾ اها رسم هن ريت ادا ڪئي ويندي هئي: چوڪرا ۽ چوڪريون گاه ۽ اڳڙين منجهان هڪ ٻوتو ٺاهيندا هٿ، جنهن جي شڪل هر سال تبديل ڪئي ويندي هئي، هڪ سال ان جي شڪل ٻوڙهي ماڻهوءَ جي هوندي هئي، ته ٻئي سال ٻوڙهيءَ عورت جي، ٽئين سال نوجوان چوڪريءَ جي، ته چوٿين سال ڪنواري چوڪريءَ جي، اهڙي نموني سان ٻوتي کي ڪپڙا ۽ اهڙا ئي ٻهرايا ويندا هئا، جهڙو هو ڪردار ادا ڪندو هو. ان ڪالهه تي ڪوٽائن ۾ وڏي چڪتائي ڏيندي هئي ته ٻوتو ٺاهيڻ کهڙي هنڌ، جو ته اهو اعتقاد هو ته جنهن گهر مان ٻوتو جلوس جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويندو، تنهن ۾ ان سال موت ۽ مرض ڪونه ايندو. ٻوتي کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، ڪيس هڪ ڊگهي لڪڙي جي چيڙي سان ٻڌي، ٻاهر ڪڍندا هئا ۽ جيڪڏهن ٻوتي جي صورت ٻوڙهي ماڻهوءَ جي هوندي هئي ته ان کي چوڪريءَ کان کٽائيندا هئا، ۽ جيڪڏهن سندس شڪل ٻوڙهي عورت جي هوندي هئي، ته ان کي ڪو نوجوان چوڪرو کٽي هلندو هو. اهڙيءَ طرح ان کي ڪوٽ جي گهٽين ۽ رستن تان جلوس جي صورت ۾ گهمايو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ نوجوانن کي هٿن ۾ کائين جون سنهيون لکڙيون هوندڙيون هيون، جن سان هو "موت" کي باهر هڪالينديا ۽ گيت گائيندا هلندا هئا. جلوس جڏهن درياه جي ڪناري پهچندو هو، تڏهن بوتي کي ڏاڍي تکڙ سان پاڻي ۾ ڦٽو ڪيو ويندو هو ۽ ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڪرندا، ٽاپڙيندا ۽ پلٽي هلندا هئا، جو ڪين اهو ڊپ ٿيندو هو ته مٿان بوتو پاڻي ۾ ڪان باهر نڪري سندن ڪلهن تي چڙهي ۽ سندن ڪپڙن مروڙي ڇڏي. ان ڪري هو احتياط ڪري، ان کي هٿ نه لائيندا هئا ته مٿان ان کي ڇهندڙ سڪي سوڪي وڃي. ڪوٽ ڏانهن موٽڻ کان پوءِ، آهي سڀ گڏجي گائڻ سان ناچي جون ڇانهه دانيون وڃائيندا هئا جو سندن اعتقاد هو ته انهيءَ ڏنگ سان سندن چوپايو مال مٽارو ۽ سائو ٿيندو. ان کان پوءِ آهي انهيءَ گهر، يا انهن گهرن ڏانهن ويندا هئا، جتان هنن "موت" جي بوتي کي باهر ڪڍيو هو، آڻان کين اڏورا ٻڪيل مٽر خيرات ۾ ملندا هئا. "موت کي باهر ڪڍڻ" جي رسم سڪسيني ۾ ٻ ادا ڪئي ويندي هئي. ليپسڪ ۾ حرامي پار ۽ فاحش عورتون گڏجي هرسال 'لينٽ' جي اڳ ڏاري گاهه مان "موت" جو بوتو ناهيندیون هيون، ۽ ان کي شهرجي گهٽين ۾ رستن تان جلوس جي صورت ۾ گهمائيندیون هيون ۽ هر گهر ۾ وڃي آڻان جي شادي شده عورتن کي اهو بوتو ڏيکاريندیون هيون. آخرڪار انهيءَ بوتي کي 'پارٽي' درياه ۾ وڃي آڇلائيندیون هيون. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ مان سندن مقصد نوجوان عورتن کي ٻارن جي نعمت سان سرفراز ڪرڻ، ۽ ڪوٽ کي بک ۽ بيماريءَ کان پاڪ ڪرڻ، جو هو.

ساڳئي قسم جون رسمون سليسيا ۾ ٻ 'لينٽ' جي اڳ ڏاري ادا ڪيون ويندیون آهن. چنانچه، ڪٿن هنڌن تي نوجوان چوڪريون ۽ چوڪرا گڏجي گاهه مان بوتو ٺاهي، ان کي لاهوسج جي طرف ڪٽي ويندا آهن. ڪوٽ جي باهرين ڪناري وٽ پهچي آهي بوتي جا ڪپڑا لاهي، انهن کي چيري ڦاڑي، چٽي طرفن ڏانهن اڇين ۽ آڇلائي ڇڏيندا آهن. انهيءَ رسم کي "موت کي دفن ڪرڻ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندا آهن، جنهن وقت آهي هوتي کي باهر ڪڍي ويندا آهن ، تنهن وقت هيءَ گيت گائيندا ويندا آهن ته آهي "موت" کي شاه بلوط جي وڻ هيٺان دفن ڪرڻ ڏا وڃن ته جيئن آهو ماڻهن وڏان هليو وڃي. ڪڏهن وري گيت جو مطلب اهو هوندو ائن ته هو "موت" کي جبلن مٿان ۽ وادين وڃان ڪڍي وڃن ڏا ، ته جيئن آهو واپس نه وري. هولئنڊ جي ماسي، گروس- اسٽريهلز وٽ هوتي کي "گوئڪ" سڏيندا آهن. آتان جا ماڻهو ان کي گهوڙي تي ڪڍي ويجهي ۽ ويجهي وهندڙ پاڻي ۽ اڇلائيندا آهن. انهن ماڻهن جو اعتقاد اهو آهي ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ سان هو ايندڙ سڄي سال لاءِ موت ۽ بيماريءَ کان محفوظ رهندا. ووهلا ۽ گهرا ضلعن ۽ وري "موت" جي هوتي کي پرواري گوٺ جي حدن اندر اڇلائيندا هئا، ۽ جيئن ته هڪ گوٺ وارا انهيءَ بصيبت کي پنهنجي مٿان مسلط ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ڪونه هوندا هئا، ان ڪري: آهي اهڙي تاڙ ۾ رهندا هئا ، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي هوتو اڇلائيندي ، ڏاسائي وجهندا هئا ، ته هو پنهنجي طرفن وارا هڪٻئي جي جڳيءَ طرح مرمت ڪندا هئا. اتر سيليسا جي انهن حصن ۾، جتي پولش نسل جا لوڪ آباد آهن ، آتي پوڙهي عورت جي نمائندگي ڪندڙ جيڪو مجسمو ناهيو ويندو آهي، تنهن کي 'مرزانا' يعني موت جي ديوي، سڏيو ويندو آهي . موت جي ديويءَ جو اهو بت ان گهر ۾ ناهيو ويندو آهي ، جنهن ۾ سال جو آخرين موت واقع ٿيو هوندو آهي. آخر ان کي ڏکهي لکڙي سان هڏي گوٺ جي آخرين چوڙي تائين ڪٽي ويندا آهن، جتي ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي، يا باه ۾ ساڙيو ويندو آهي. هولڪوٽز وٽ "موت کي باهر ڪڍڻ" جي رسم ٿوري عرصي تائين ترڪ ڪئي وئي هئي ، ۽ ان وچ ۾ گوٺ ۾ اهڙي ته زوردار وبا اچي منهن ڏيئي، جو ماڻهن وري انهيءَ رواج کي نئين سر زنده ڪيو.

بوهيميا ۾، ننڍا بار هلال جو هڪ هوتو ڪٽي باهر نڪرندا آهن، اهو هوتو "موت" جو نمائندو هوندو آهي، جنهن کي گوٺ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورين٘ پر تائين ڪٽي ويندا آهن ۽ ساڻ ئي هيٺيون گيت ڳائيندا ويندا آهن :

"هينئر اسين موت کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪيون ٿا
۽ نئون 'اونهارو' ڳوٺ ۾ آڻيون ٿا،
اي ٻارا 'اونهارا' تون پلي ڪري آئين،
۽ ساوا نندڙا اناج!"

بوهيما ۾ ڪير وٽ 'موت' جو مجسمو ڳوٺ کان ٻاهر ڪٽي ويندا آهن ۽ ڪنهن اوچي ٻاڙ تي جڙهي، اتان ڪيس ٻاڌي٘ ۾ اچلائيندا آهن، ۽ ان وقت هي٘ گيت ڳائيندا آهن :

"'موت' ٻاڌي٘ تي ٻيو تري،
'اونهارو' جاڻ هت ايندو،
'موت' کي اوهان لاءِ ري ڪٽي وياسون،
'اونهاري' کي آندوسون،
۽ اي تون، مقدس مارڪيٽا!
ڏي اسان کي آسودو سال،
ڪڪ لاءِ، ۽ جَوَ ن لاءِ."

بوهيميا جي هڪ ٻئي علائقي ۾ 'موت' جي ٻوٽي کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪٽي وڃڻ وقت هيٺيون گيت ڳائيندا آهن :

"اسين 'موت' کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪيون ٿا،
۽ 'نئين سال' کي ڳوٺ ۾ آڻيون ٿا،
اي ٻارا بهار، تون پلي ڪري آئين،
اي ساوا گاهه، تون پلي ڪري آئين."

ڳوٺ جي ٻنهين پاسي کان آهي هڪ ڇڪيا ٿاهيندا آهن، جنهن تي 'موت' جي ڪٽائين ٽت کي ساڙيندا آهن، ۽ جيسين اهو سڙندو رهندو آهي، تيسين ماڻهو، مٿس نڙهيون ڪندا، ۽ خوشي٘ وچان نچندا ڪڏندا رهندا آهن. انهي٘ کر کان فارغ ٿي آهي واپس موٽندا آهن ۽ هيٺيون گيت ڳائيندا آهن :

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسان 'موت' کي ٻاهر ڪڍي ويا آهيون،
۽ 'زندگي' آندي اٽائون،
هوءَ ڪوٺ ۾ رهڻ لڳي آ،
ان ڪري خوشيءَ جا گيت ڳايو."

جرمنيءَ ۾، "سوربونا" ضلعي جي "جامنٽز" ۽ "سينٽ بورف" جهڙن ڳوٺن جا نوجوان چوڪرا ۽ چوڪريون "لينٽ" جي ٽئين آرتوار تي گڏ ٿي، پلال سان هڪ مجسمو تيار ڪندا آهن، جنهن کي گهٽو ڪري پشم جي ٽوپي ۽ چمڙي جي سٽ پائيندا آهن، بشرطيڪ اهڙيون شيون ڪين ميسر ٿي سگهن. بوتي کي هڪ ڏڪهي لڪڙي سان ٻڌي، چوڪرا ۽ چوڪريون ڳوٺ سان ڦيرائيندا، ڪليل ٻنين ۾ ڪٽي ويندا آهن، رستي تي هڪ گيت آلاپيندا ويندا آهن تہ آهي 'موت' کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪٽي وڃي رهيا آهن، ۽ پياري 'اونهاري' کي واپس گهر وٺي ايندا، ۽ 'اونهاري' سان گڏ مٺي مهيني ۽ گلن کي به، ڪنهن مقرر ٿيل جاءِ تي پهچي، اهي بوتي کي زمين تي رکي، سڀ سندس چوڌاري نچندا ڳائيندا ۽ ڦيريون پائيندا رهندا آهن. اوچتو ئي اوچتو سڀ ان تي وٺي هلان ڪندا آهن، ۽ بدنصيب بوتي کي هٿن سان چني، ڪوهي، ذرو ذرو ڪري زمين تي اڇلائيندا آهن. آخر ۾ ان جي سيني ٽڪرن کي هڪ هنڌ ڍڪ ڪري، لڪڙي کي به پرزا پرزا ڪري، سڄي ڏير کي وٺي باهه ڏيندا آهن، جيئن جيئن باهه پرندي وينڊي آهي، تيئن تيئن سڀ چوڪرا ۽ چوڪريون زور زور سان نچندا ۽ ڳائيندا آهن ۽ 'بهار' جي فتحيابيءَ تي خوشي ڪندا آهن. باهه وسامهن تي هوندي آهي، تہ آهي سڀ ڳوٺ واپس اچي، گهر وارن کان ڪڙين جي آڻن جي خيرات گهرندا آهن، پر خيرات گهرڻ وقت آهي هيءَ ڪالهه واضح ڪندا آهن تہ هنن "موت" کي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍيو آهي، جنهنڪري محفل ڪرڻ لاءِ اڃا گهري رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽي ۾ ان کيل شهادتن مان ظاهر آهي ته "موت" جي مجسمي کي هر هنڌ ڊپ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ ان کان نفرت ۽ ڪراهت ڪئي ويندي آهي، ان ڪري ئي هڪڙا ڪولائا ان کي ڪوشش ڪري ۾ پروارن ڪوٽن جي حدن اندر آڇلائڻ لاءِ آتا هوندا آهن، ته ساڳئي وقت پروارا هن تاڙ ۾ رهندا آهن ته ڪو انهيءَ بدبختيءَ کي سندن ڪوٽ اندر اڇلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿئي. ان مان ثابت آهي ته ان کي ڪيتري قدر نه ڊپ، ڊاءُ مان ڏٺو وڃي ٿو. ليوسيشيا ۽ سليشيا ۾ وري بوتي کي ڪنهن نه ڪنهن گهر جي دريءَ سنجهان ليٽو پارائيندا آهن، جنهنڪري انهيءَ گهر وارا سمجهندا آهن ته هلندڙ سال اندر انهن جو ڪو نه ڪو پاتي ضرور مرندو، انهيءَ خيال کان آهي پٺسا ڏيئي جان ڇڏائيندا آهن ۽ گهر جي هڪ پاتيءَ جي زندگي خريد ڪندا آهن. ڪن هنڌن تي وري بوتي کي ٻوڙڻ يا ساڙڻ کان هڪدم پوءِ سيٺي ولي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙندا آهن ته متان "موت" سندن ٻيان ٻوي، ڊوڙڻ ۾ جيڪڏهن انهن مان ڪوڪري پوندو آهي، ته سمجهندا آهن ته ان جو خير ڪونهي ۽ هو ان سال ضرور موت مان همڪنار ٿيندو، پوءِ ٻيا ۽، چوڏم وٽ، 'موت' جي بوتي کي صليب واريءَ ڪائيءَ مان ناهيندا آهن ۽ ان جي مٿين حصي وٽ بوتي جو منهن ناهي، متان نقاب چاڙهيندا انس ۽ هيٺين حصي ۾ قميص وجهندا انس. 'ليٽ' جي پنجين آرتوار تي ڪوٽ جا چوڪرا ان بوتي کي ويجهڙائيءَ واري ڪنهن تلاءَ يا ڪسيءَ ڏانهن ڪٽي ويندا آهن، جتي سيٺي هڪ سڌي صف ناهي بيهندا آهن ۽ بوتي کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. سيٺي چوڪرا ان جي ٻيان ولي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏيندا آهن ۽ بوتي کي وري پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بوتي جي پڪڙجي ٻوڙ کان پوءِ ڪنهن کي ٻ پاڻيءَ ۾ لهڻ جي اجازت ڪا نه هوندي آهي، جيڪو چوڪرو پٺتي رهجي ويندو آهي، يا سيني کان آخر پاڻيءَ ۾ هيٺ لهندو آهي، تنهن لاءِ چوو ويندو آهي ته، هو ان سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور مرادو. ۽ ٻوءَ ٻوتي کي ٻاهر ڪڍي، اهڙي چوڪري جي ڪلهن تي رکي، وري ڪوٺ ڪٽي ايندا آهن، جتي ڪيس ٻاهه ڏني ويندي آهي. ساڳئي وقت اهو ۽ اعتقاد هوندو آن ته جنهن گهر مان ٻوتو ٺاهي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، تنهن مان هلندڙ سال اندر ڪو، ٻاتي ڪوءَ مرندو ۽ ۽ جنهن ڪوٺ مان 'موت' جو ٻوتو ڪڍيو ويندو آهي، تنهن کي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيماريءَ ۽ وبا کان محفوظ سمجهيو ويندو آهي. آسٽرين سيلشيا جي ڪن ڪولن ۽ 'مرده آرتوار' کان اڳ واري چنڊ تي 'موت' کي ڪوٺ مان ڪڍڻ لاءِ راڻين اڳڙين، سڪل گاه ۽ ٻڪهه مان هڪ ٻوتو بنايو ويندو آهي. آرتوار ڏينهن ڪوٺاٽا ليون ۽ جهڪ ڪٽي ان گهر جي اڳيان اڇي جمع ڪيندا آهن، جنهن ۽ ٻوتو رکيل هوندو آهي. چار چوڪرا ان کي رسا ٻڌي ڪوٺ جي ڪنڊين ۽ رستن مان گهمايندا هلندا آهن ۽ باقي ٻيا ان جي پويان ڪيس ليون ۽ جهڪ هٽندا، ۽ خوشيءَ وچان ڏانهون، ڪوڪون ڪندا ويندا آهن. پر واري ڪوٺ جي ڪنهن ٻنيءَ ۽ ٻهچي آهي ٻوتي کي هيٺ ڏرتيءَ تي رکي، ڏنڊن سان خوب مار ڪيندا آهن ۽ ان کي ڏرو ڏرو ڪري ٽيڙي، ٻکيڙي ڇڏيندا آهن. ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي ته جنهن ڪوٺ مان "موت" کي اهڙي نموني سان ڪڍيو ويندو آهي، سو سڄي سال لاءِ وبائي مرض کان آجو رهندو آهي.

۴۰ اونهاري کي آڻڻ: مٽي ذڪر ڪيل رسمن ۽، 'موت' جي نيڪاليءَ کان ٻوءَ 'بهار'، 'اونهاري' يا 'زندگيءَ' کي واپس آڻڻ جو خيال پوشيده رکيل آهي، جنهن کي فرض ڪيو ويندو آهي، يا وڏ ۽ وڏ، ان جو اعلان ڪيو ويندو آهي. هيٺ ڄاڻايل رسمن ۽ ان جو باقاعده سانگ رچايو ويندو آهي. چنانچه، ٻوهيما جي ڪن علائقن ۽، "موت" جي مجسمي کي سڄ لهڻ وقت ٻاڻيءَ ۽ ٻوڙيو ويندو آهي. ان کان ٻوءَ ڪوٺ جون سيڻي ڪنواريون جمع ٿي، جهنگ ڏانهن ويندڙون آهن، جتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ساڻي چوٽي٘ وارو هڪ نندو وڻ وڌي، ان سان هڪ گڏو بڏندڙيون آهن، جنهن کي زنانه ڪپڙا پهرايل هوندا آهن، ۽ آهي سڄي وڻ کي ساڻين، ڳاڙهين ۽ اڇين ربڙن سان سينگاري، ٻنهنجي 'ليڏو' (اونهاري) کي ڪلهن تي کڻي، گوٺ جي در در تان خيرات گهرندڙيون، هيٺيون گيت گائيندڙيون ويندڙيون آهن :

"موت ماڻي٘ ۽ تري ٻيو،
بهار اسان سان ملڻ اچي ٿو،
ڪڙڻين جي آڻ سميت، جي ڳاڙها آهن،
۽ ڪيڪن سان، جي ٻيلا آهن،
اسان "موت" کي ڪڍبو آهي گوٺ مان،
۽ اونهاري کي آندو آهي گوٺ ۽."

سليشيا جي ڪيترن ڳوٺن ۽ وري، "موت" جي مجسمي کي ٻهرائڻين عزت آپرو ڏيڻي، بعد ۽ ان جا سڀ ڪپڙا لاهي، اگهاڙو ڪري، ڪيس بد دعائن سان ماڻي٘ ۽ ڦٽو ڪيو ويندو آهي، يا وري ڪيس ڇني، ڪوهي ڪنهن ٻني٘ ۽ اڇلايو ويندو آهي، بعد ۽، نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ٻيلي ۽ وڃي هڪ نندو وڻ وڌي، ان جي ٽڙ جو ٻاهريون ڇوڏو لاهي، ڪيس گلن جي هارن، ڪاغذي گلن، ڪڙڻين جي آڻن جي رنگيل ڪاڻ ۽ رنگ برنگي اڳڙين سان سينگاري، "اونهاري"، يا "مڻي" جو نالو ڏنو ويندو آهي، ۽ ڇوڪرا ان کي ڪلهن تي کڻي گوٺ جي گهر گهر سان خيرات گهرندا ۽ موزون گيت گائيندا ويندا آهن. اهڙي وقت جيڪي مختلف گيت گايا ويندا آهن، تن مان هڪ هي ۽ آهي :

"اسان 'موت' ڪڍي٘ ٻاهر ڪڍيو آهي،
۽ ٻاري 'اونهاري' کي واپس آڻي رهيا آهيون،
'اونهاري' ۽ 'مڻي' ۽ سڀني سهڻن گلن کي."

ڪڏهن ڪڏهن اهي جهنگ مان هڪ سينگاريل مجسمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪاهي ڪڍي ايندا آهن ۽ جنهن کي "اونهارو" يا "مٽي" يا "ڪنوار" سڏيو ويندو آهي. پولنڊ جي ضلعن ۾ اهڙي مجسمي کي 'د زائوانا' يعني بهار جي ديوي سڏيندا آهن.

آئيسيناج وٽ ۽ "لينٽ" جي چوڻين آرتوار تي ۽ نوجوان ڪوليٽا پلال مان "موت" جو هڪ مجسمو ٺاهي ۽ ان کي ڏيٽي سان ٻڌي ڪري جي چوٽي تائين ڦيرائيندا ويندا هٿا. آتي هو ٻوٽي کي باهه ڏيٽي، ڏيٽي کي ٻهاڙي جي لاهي تان هيٺ گسڪائي چڏيندا هٿا ۽ بعد ۾ آهي هڪ لنڊو وڻ وڍي، کيس رابن سان سينگاري ۽ ٺاهي ۽ ڪوٽ جي ميدان جي وچ ۾ کوڙي چڏيندا هٿا ۽ ماڻهو وري ان وڻ تي چڙهي ۽ رابن کي لاهي، هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا هٿا. ليوسيشيا جي آتر ۾ گاهه ۽ پلال مان "موت" جو هڪ مجسمو ٺاهي، کيس ڪوٽ جي آخري ڪنوار جو نقاب، ۽ اهڙي گهر مان پنهل قميص پارائيندا هٿا، جنهن ۾ آخرين موت واقع ٿيو هوندو هو. ٻوٽي کي اهڙي نموني سان ڪپڑا پائي، سينگاري ۽ لکڙي جي مٽان ٻڌي، ڪوٽ جي سپ کان ڏکهي ۽ مضبوط چوکري پنهنجي هٿ ۾ ڪڍي، انتهائي تيز رفتاري سان ڪوٽ مان ڊوڙندي آهي ۽ ڪوٽ جا ٻيا جوان ۽ جوانڙيون ان جي پٺيان ٻوٽي کي پٿرن ۽ لٽين سان ماريندڙيون ويندڙيون آهن. جيڪو به ان کي ڏسي هٿ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، سو هڪ ئي هڪ، انهي سال جي دوران ۾ موت جي چنبي ۾ ڦاسن کان بچي ويندو آهي. "موت" کي اجهو اهڙي نموني سان ڪوٽ کان باهر ڪڍيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس پائي ۾ پوڙيو ويندو آهي، يا وري کيس آنهي ڪوٽ جي حدن کان پار ڪري، ڪنهن ٻاسي واري ڪوٽ جي حد ۾ اچلايو ويندو آهي. ان کان پوءِ هرڪو گهر ڏانهن واپس ورندي، ڪا نه ڪا سائي ڏاري ٻڪي، هٿ ۾ جهلي خوشي سان گهر ايندو آهي، جتي ابچ بچائڻا هو آها ڏاري آچلائي چڏيندو آهي. ڪن موقعن تي پر واري ڪوٽ جا آهي نوجوان، جن جي ٻڌي ۽ "موت" جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجسمو اچلايو ويو هوندو، سي انهن جي ٻنهان پوندا آهن ۽ ٻوتي کي واپس انهن جي ڪوٽ جي حد ۾ ڦٽو ڪندا آهن، ڇوتہ هو ٻنهنجي ڪوٽ ۾ "موت" جي آمد تي خوش ڪين ٿيندا آهن، ان ڪري، اهڙن موقعن تي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ خوب لٽبازي ۽ ڏنڊي بازي ٿيندي آهي.

انهن حالتن ۾ جيڪو مجسمو اچلايو ويندو آهي، سو "موت" جو نمائندو هوندو آهي ۽ "اونهاري"، "بهار" يا "زندگي" جا نمائندا وري ساوا ٻن، سايون ڪاريون، يا ننڍا وڻ هوندا آهن، جي جهنگ مان ساڻ آندا ويندا آهن. ڪن وقتن تي وري اڻين معلوم ٿيندو آهي تہ خود "موت" جي مجسمي کي "نئين زندگي" جي طاقت بخشي ويڻي آهي ۽ ڪيس عام طور، ما بعد واري زندگي" جو ذرهو به سمجهيو ويو آهي. اهڙي" طرح ليوسيشيا جي ڪن حصن ۾، "موت کي باهر ڪيڻ" جو ڪم فقط زالون ڪنديون آهن ۽ انهي" ڪم ۾ مردن کي ڪنهن به صورت ۾ دخل ڏيڻ نہ ڏيندیون آهن. آهي ماتمي ڪپڑا پائي، جي ڪين آهو سڄو ڏينهن پائي رکڻا هوندا آهن، ڪکن، ٻنن ۽ گاهه مان "موت" جو مجسمو ٺاهي، ڪيس اڇي قميص پهرائيندیون آهن، ۽ سندس هڪ هٿ ۾ ٻهارو، تہ ٻئي ۾ ڏانڊو ڏيندیون آهن. ان کان پوءِ آهي ڪيس ڪلهن تي کڻي، مرڻ، چولهيون ڪوٽ مان لنگهنديون آهن، جتي رولو چورا انهن جي ٻنهان پٽ اچلائيندا ويندا آهن، ڪوٽ جي حد ڪان باهر نڪري، اهي مجسمي کي چني کوهي ذرو ذرو ڪري چڏيندیون آهن. انهي" سڄي" ڪارگذاري" کان پوءِ، آهي هڪ ٻئون ۽ سڏو سنئون وڻ وڍي، تنهن کي ٻوتي واري قميص پارائي، گيت ڳائيندیون واپس ڪوٽ اچي سهڙنديون آهن. 'اسينشن'* جي محفل واري ڏينهن، ٽرانسلوانيا جي هڪ ڪوٽ، برالر ۾ آباد سڪسن نسل وارا ماڻهو "موت کي باهر ڪيڻ" جي رسم هيٺين نموني ادا ڪندا آهن: صبح جي عبادت

* حضرت عيسيٰ جي آسمان تي کڄي وڃڻ واري ڏينهن جي ياد گار تقريب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٻوءَ سڀني اسڪولي چوڪريون گڏجي پنهنجيءَ هڪ نہ هڪ سهيليءَ جي گهر ويندیون آهن ، جتي اهي "موت" کي ڪپڙا پارائيندیون آهن . اهو ڪم هيٺ ڪندیون آهن، جو مڪائيءَ جو هڪ سنگ ڪٽي، جنهن مان اناج ڪاهي ڪڍيو ويو هوندو آهي، تنهن کي ماڻهوءَ جي مٿي ۽ بدن جو روپ ڏيندیون آهن ۽ سندس پاڻهه ناهڻ لاءِ سنگ کي ٻوهاري جو دستو ٻڌندیون آهن، ٻوتي کي ڪرسيائين جهڙا رنگا رنگي ڪپڙا پارائيندیون آهن : مٿي تي ڳاڙهو ٽوپ، ڳچيءَ ۾ چاندي جا هار ۽ ٻانهن ۾ چاتيءَ ۾ ريبن جا گل وجهنديون اٿس. چوڪريون پنهنجي انهيءَ ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هيڏانهن جو هوڏانهن ڊاڊيءَ ڏاڻائيءَ سان هڙهڙ ڪنديون وتنديون آهن چو ته جلدئي عبادت جو وقت ايندو ۽ "موت" کي ناهي، سينگاري دريءَ ۾ رکڻو ٻوندو، ته جيئن ديول ڏانهن ويندي ، ماڻهو ان کي ڏسي سگهن . عبادت ختم ٿيڻ کان ٻوءَ ، "موت" جي ٻهرين جلوس ڪڍڻ جو وقت ايندو آهي، جنهن جو اعزاز فقط اسڪولي چوڪرين کي هوندو آهي. وڏين چوڪرين مان ٻ، ٻوتي کي ٻانهن کان جهلي جلوس جي اڳيان هلنديون آهن ۽ باقي چوڪريون انهن جي ٻٽيان جوڙي جوڙي ناهي هلنديون آهن. چوڪرن کي انهيءَ جلوس ۾ ڪنهن ٻ حصي ولڻ جو حق ڪونہ هوندو آهي، ۽ اهي جلوس جي ٻاسن کان حيرت وچان وات ڦاڙي ، "خوبصورت موت" کي گهوريندا هلندا آهن. اهڙيءَ طرح اهو جلوس ڪوٽ جي سڀني گهٽين مان لنگهندو ويندو آهي ۽ چوڪريون قديم زماني جو هڪ گيت اهڙي غيرمعمولي سُر ۾ گائيندیون ويندیون آهن، جو رواجي گيتن کان مختلف هوندو آهي. جلوس جڏهن ڪوٽ جي هرهڪ گهٽيءَ جو چڪر لڳائي پورو ڪندو آهي، تڏهن چوڪريون هڪ گهر ۾ هليون ويندیون آهن ۽ اندران دروازو بند ڪري ، "موت" جا ڪپڙا لاهي ، ڪيس بلڪل اڪهاڙو ڪري، باقي ٻچيل گاه جي ٻوتي کي ٻٽيٽن دريءَ وچان چوڪرن جي سپرد ڪنديون آهن، جي ڏاڊيءَ ٻيتابيءَ ۽ شوق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ان کي جهٽي، ڪوٽ کان باهر پڇندا آهن ۽ شور و شل مچائيندا ويندا آهن. ڪوٽ جي حد کان باهر پهچي، هوان کي ڏرواري ڪسي، واهه يا، درياه جي حوالي ڪندا آهن. ان کان پوءِ انهي نائڪ جو پوءِ حصو شروع ٿيندو آهي. جنهن وقت چوڪرا "موت" کي ڪوٽ کان باهر پڇائي ويندا آهن، تنهن وقت چوڪرين مان هڪ جڻي پنهنجا ڪپڙا لاهي "موت" جي مجسمي وارا ڪپڙا پائيندي آهي. اڳيءَ طرح ملبوس ٿي، هوءَ جلوس جي وچ ۾ شهر جي گهٽين مان گهمندي آهي، ۽ انهيءَ دوران ۾ باقي چوڪريون سندس پاسن کان ساڪيوئي گيت آلاپيندڙون ويندڙون آهن. جلوس جي ختم ٿيڻ کان پوءِ سيوئي جڻيون انهيءَ چوڪريءَ جي گهر ويندڙون آهن، جنهن مٽي جاڻڻ ڪردار ادا ڪيو هوندو آهي. اتي سندن لاءِ هڪ محفل جو اڳ ۾ ئي انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ چوڪرن کي شامل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. آڻان جي ماڻهن جو هيءَ اعتقاد آهو ته انهيءَ جشن کان پوءِ ننڍا ٻار ٻنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي، توت ۽ ٻيو موسمي ميوو کائي سگهندا، چاڪاڻ ته "موت" کي، جو ان وقت تائين خاص طرح توتن جي ٽپيان تاڙ ۾ ويڙهو هو، ڪوٽ کان باهر هڪالي ويو آهي، جنهن ڪري آهي هاڻيءَ ٻي ڏهاڙيءَ سان دروازن کان باهر وهنجي نه سگهندا. موريويا جي ڪن جرمن ڪوٽن ۾ ڪجهه سال اڳي، ساڪٽي قسم جي هڪ رسم ادا ڪئي ويندي هئي. ايسٽر کان پوءِ ڇهين آرتوار تي، سڀ چوڪريون ۽ چوڪرا گڏ ٿي ڪٺن، ٻڌن ۽ گاه سان هڪ پوتو ٺاهيندا هئا، جنهن کي آهي "موت" جو نالو ڏيندا هئا. ان کي رنگا رنگي ٻڌيون ٻڌي، ڪپڙا پارائي ۽ ڏکهي لکڙي سان ٻڌي، ڪوٽ جي پرسان ڪنهن ڏڙي تي کڻي ويندا هئا، جتي ان جا سڀ ڪپڙا لاهي، ڪيس ڏڙي جي لاهيءَ ٿان هيٺ گسڪائي ڇڏيندا هئا، يا وري اڇلائي ڇڏيندا هئا. پوءِ اهي سڀ ڪپڙا ۽ ريبنون هڪ چوڪريءَ کي پارائي، ڪيس جلوس جي اڳيان ڪري، وري ڪوٽ ڏانهن موٽندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کن کوڻن ۽ وري "موت" جي انهيءَ مجسمي کي اهڙيءَ جاءَ تي دفن ڪيو ويندو هو، جا ڪوري سمجهي ويندي هئي، ڪي ته ان کي ٻاڙيءَ ۽ اڇلائيندا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل 'ليوسيشيا' واريءَ رسم ۽، "موت" کي ناس ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وڻ ڪوٽ ڏانهن آندو ويندو آهي، سو هن کان اڳ ڇاڻيل رسمن جي انهيءَ وڻ يا، ٽارين جي مساوي آهي، جو "موت" کي اڇلائڻ يا ٻوڙڻ، يا ساڙڻ کان پوءِ، "اونهاري"، يا "موسم بهار"، يا "نئين زندگيءَ" جي نمائندي طور ٻيلي کان واپس اچڻ وقت ڪوٽ ۽ آندو ويندو آهي. پوتي جي قميص کي ڦيرائي وڻ کي ٻارائڻ ڏيکاري ٿو ته وڻ، ناس ٿيل "موت" جي ٻوتي جو هڪ طرح سان نئون جنم آهي، اهو ساڳيوئي خيال ٽرانسلوانيا ۾ موروويا وارين رسمن مان ۽، ظاهر ٿي رهيو آهي: "موت" جي مجسمي تان لاٽل ڪڙڪا چوڪريءَ کي ٻارائڻ، ۾ ڪانئس جلوس ۽ ساڳيوئي گيت چوائڻ، جو "موت" جي ٻوتي کي ڪٽي وڃڻ وقت ڳايو ويو هو، ڏيکاري ٿو ته اها چوڪري اُنهيءَ هستيءَ جو نئون روپ آهي، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو هو. انهن مثالن مان هيءَ انومان نڪري رهيو آهي ته "موت" کي، جنهن کي مٿين رسمن ۽ ناس ڪرڻ جا آپاءَ اختيار ڪيا وڃن ٿا، فقط ناس ڪندڙ هستي نٿو سمجهيو وڃي، جيئن ان کي اسين سمجهون ٿا، جيڪڏهن انهيءَ وڻ کي، جنهن کي ايندڙ بهار جي موسم جي تازيءَ ساوڪ جي نئين جنم جي علامت سمجهي، ڪوٽ ڏانهن آندو وڃي ٿو، "موت" جي انهيءَ ٻوتي واري قميص ٻهرائي وڃي ٿي، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو آهي، ته ان مان رسم ادا ڪندڙن جو مطلب يقيناً اهو ئ هوندو آهي ته ان کي "موت" واري قميص ٻهرائي، سندس ساوڪ، ۽ نئين جنم کي روڪيو وڃي، ان جو مطلب ته فقط ساوڪ کي نئين سر روئما ٿيڻ ۽ مدد ڏيڻ جو ٿي ٿي سگهي ٿو. ان ڪري انهيءَ هستيءَ ۽، جنهن کي تازو ناس ڪيو ويو آهي — نام نهاد "موت" —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهڑ جيڙي ڪرڻ ۽ ٽئين زندگي بخشڻ ۽ تيزي پيدا ڪرڻ جو آهو اثر موجود سمجهيو وڃي ٿو، جو آها نباتات ۽ حيوانات تي وڃي سگهي ٿي. "موت" جي بوتي ۽ ٽئين زندگي بخشڻ جي خاصيت جو موجود هئڻ، انهيءَ رسم مان صاف ثابت ٿي رهيو آهي، جنهن ۽ ان جي ٽڪرن کي، تازن فصلن کي پيدا ٿيڻ ۽ مدد ڏيڻ لاءِ ٻنين ۽ ٽيڙي، ٻکيڙي چئبو. طرفن ڏانهن اڇلايو ويندو آهي، يا وري چوڻائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ سندن ڪُوزن ۽ وڏو ويندو آهي. چنانچ، آسٽرين سليشيا جي هڪ ڪوٽ، اسپاچينڊورف جا ماڻهو، ٻلال، چوڏن، گاه ۽ اگهڙ بن مان "موت" جو هڪ وڏو ٻوتو ٺاهي، تنهنکي ناچ، گاني ۽ هل هنگامي سان ڪوٽ جي وڏي ميدان ۽ ڪٽي ويندا آهن، جتي پهچڻ کان پوءِ ان کي ساڙي چڏيندا آهن. جڏهن اهو ٻوتو باه ۽ ٻيو سڙندو آهي، تڏهن تماشائي ٻوتي جي ٽڪرن کي ٻنهنجن هٿن سان باه مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ان وقت خوب وٺ ڪڙ ٿيندي آهي، جو الهن مان جيڪي حاضرين ٻوتي جا ٽڪرا هٿ ڪرڻ ۽ ڪامياب ٿيندا آهن، سي انهن هٿ آيل ٽڪرن کي ٻنهنجن باغن جي ڪن اوچن وٽن جي جوٽين ۽ بڈي چڏيندا آهن، يا ٻنهنجن ٻنين ۽ دفن ڪندا آهن، چاڪاڻ ته اهي سمجهندا آهن ته اهڙيءَ طرح سندن وڻ پربور ميوو ڏيندا يا سندن فصل پلا ٿيندا. آسٽرين سليشيا جي ٽروپا ضلعي ۾، چوڪرا ڪڏ ڪي، "لينٽ" جي جوٽين آرتوار تي گاه مان هڪ ٻوتو ٺاهيندا آهن، جنهن کي وري ڪوٽ جون چوڪريون زنانه ڪپڙا پهرائي، رٻينن، گلن جي هارن ۽ رومالن وغيره سان سينگاريندڙون آهن. ان کان پوءِ ڪيس هڪ ڏکهي لکڙي سان بڈي، ڪوٽ جي سيني رستن ۽ گهٽين تان گهمايو ويندو آهي. جلوس ۽ جيڪي چوڪرا ۽ چوڪريون شريڪ هوندڙون آهن، سي گهوڙيءَ کلندڙون ۽ جرچا، ٻوڳ ڪندڙون ويندڙون آهن، ته وري ٻي گهوڙيءَ ماتم ۽ روڄ راڙو ڪندڙون آهن، ٻنهنجي منزل مقصود — ڪوٽ کان ٻاهر ٻنيءَ ۽ — تي پهچڻ کان پوءِ ٻوآپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڪوڙا ۽ زيور لاڻا ويندا آهن، جنهن کان پوءِ ڪوناڻا ان جي مٿان اڇي ڪپڙو ڪندا آهن ۽ انهن مان هرهڪ ڇٽو، بوتي جي ڪنهن نہ ڪنهن ٽڪر حاصل ڪرڻ لاءِ اڇلي وڌندو آهي جنهن ڪي خوب گهمسان مچندو آهي. هرهڪ ماڻهو پلال يا ڪاه جي هڪ ٽيلي ڏي هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، چاڪاڻ ته عام اعتقاد آهي ته جيڪو، اها ٽيلي جوباڻي مال جي ڪوڙ ۽ چاري سان گڏ وجهندو، تنهنجو مال متارو ۽ سائو ٿيندو، ۽ وري، اها ٽيلي ڪڍڻ جي آري ڪرڻ وقت سندن آڻ جي وچ ۽ رکي ويندي آهي چو ته اهي ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته اهڙي" طرح ڪڍيون پنهنجا آڻا پاڻ ڪائڻ لاءِ چهنب ۽ نہ ڪٽي ويندیون، ۽ ان آرو زياده شوق سان ڪنديون ۽ کين گندو نہ ڪنديون. "موت" جي بوتي کي زندگي بخشڻ يا، سائي ڪرڻ جي طاقت ۽ اعتقاد هڻڻ جو وجود هن ڪالهه مان ۽ ثابت ٿئي ٿوته کي ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته جيڪي ماڻهو "موت" جي بوتي کي ڪلهن تي رکي ڪوٺ مان گهمائيندا آهن، سي جيڪڏهن انهي" رسم کي ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي جوباڻي مال کي لٽ سان مار ڪيندا نہ سندن ڏور ۽ ڏڪا ٽلها، متارا ۽ کيرائتا ٿيندا. شايد اها لٽ "موت" جي بوتي کي مارڻ واسطي ڪتب آندي ويئي هوندي جنهنڪري ان ۽ بوتي جي ٿوت تحليل ٿي آئي هوندي. ايان اهو ۽ ڏسي آيا آهيون ته ليهسڪ جي نوجوان گهريلو عورتن کي حامل ٿيڻ لاءِ "موت" جي انهي" بوتي جو ديدار ڪرايو ويندو هو.

"موت" جي بوتي کي ناس ڪرڻ کان پوءِ جيڪو وڻ، يا ستدس جيڪي ٽاريون ڪوٺ آنديون ويندیون آهن، تن کي "مئي - وڻ" کان جدا ڪرڻ ذرا مشڪل معلوم ٿي رهيو آهي. جيڪي ماڻهو وڻ يا، ان جون ٽاريون ڪوٺ آڻيندا آهن، سي اها دعويٰ ڪندا آهن ته آهي "اونهاري" کي ساڻ آڻي رهيا آهن. ان ڪري ظاهر آهي ته اهي وڻ "اونهاري" جي نمائندگي ڪن ٿا. د رحقيقت، سليشيا ۽ انهن کي 'اونهاري' يا 'مئي' جي ناالن سان پڪاريو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهڙي 'اونهاري-وڻ' سان گڏهن گڏهن هڪ گڏو ٻڌو ويندو آهي، جو 'اونهاري' جو نقلي نمائندو هوندو آهي، ساڳي" ريت 'مئي - وڻ' يا "مئي - ليڊي" هڪ ئي وقت، گڻهن گڻهن هنڌ "مئي" جي نمائندگي ڪندا آهن. ٿوري ۽ ڪٽي ڇڏجي ته 'موت' جي نيڪالي" ۽ 'بهار' جي واپس آڻ ۽ اسان کي، گهٽ ۽ گهٽ ڪن حالتن ۾، بهار جي موسم ۽ نباتات جي ڏيوتا جي موت، ۽ ان جي دوباره جنم وارو ساڳيو مثال ملي رهيو آهي، جو اسان هن ڪان اڳ "وحشي" جي قتل" ۽ ان جي دوباره جنم جي سانگ ۽ ڏسي آيا آهيون. "ڪارنيوال جي دفن" ۽ دوباره جنم ۽ ۽ ساڳيو ئي خيال سمايل نظر اچي رهيو آهي، فقط اظهار جو طريقو مختلف اختيار ڪيو ويو آهي. "ڪارنيوال" جي نمائندي کي ڇيٽي جي ڏينهن دفن ڪرڻ، هڪ بلڪل قدرتي فعل آهي، بشرطيڪ ان ۽ ۽ 'موت' جي مجسمي وانگر، قوت بخشڻ ۽ تيزي پيدا ڪرڻ جا اثر موجود سمجهيا وڃن. ايسٽونيا جا رهاڪو "شروو-اگاري" واري ڏينهن، معمول مطابق گاه جي جنهن مجسمي کي ڪوٽ ڪان ٻاهر ڪڍي ويندا آهن، تنهن کي "ڪارنيوال" جي نالي سان ڪوڙ سڏيندا آهن، ۽ هو ان کي "ٻيلي جو ديوتا" (مينسڪ) ڪوٺيندا آهن، مجسمي کي "ٻيلي جي ديوتا" سان شناخت ڪرڻ لاءِ، اهي ڪوس ٻيلي جي ڪنهن اوچي وڻ سان وڃي ٻڌندا آهن، جتي هو سڄي سال تائين لٽڪندو رهندو آهي ۽ ان تي ڏڻ جي سلامتي" ۽ واڌاري لاءِ روزانه ڪيترين منٽن مڃيون، ۽ دعائون ٻڌيون ويندين آهن، جو ته ساوڪ جي حقيقي ديوتا وانگر، "مينسڪ" ۽ جوڀائي مال جو محافظ آهي. گڏهن گڏهن "مينسڪ" جي مجسمي کي اناج جي سنگن مان ۽ ٺاهيندا آهن.

اهڙي" طرح اسان اهو اندازو ڪري سگهون ٿا ته "ڪارنيوال"، "موت"، ۽ "اونهارو"، جهڙا الفاظ انهن رسمن جي مرڪزي هستين جا، جن جي متعلق اسان هن وقت تائين تحقيقات ڪندا رهيا آهيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال ۾ ٿين دور جا ناڪاڻي اظهار آهن. هن باري ۾ جيڪي ٽالا استعمال ڪيا ويا آهن، تن جي ذاتي نوعيت مان معلوم ٿي رهيو آهي ته اهي ٻوٽين دور جي پيداوار آهن، چو ته وقتن ۾ موسمن، جهڙوڪ 'ڪارنيوال' ۽ 'اونهاري' کي شخصيتن سان نوازڻ جو رواج اوائلي دور جو ڪو آهي، ۽ ان وري 'موت' جو ذاتياتي مفهوم قديم زماني جو آهي. ان خود رسمن تي ڪنهن نامعلوم قديم دور جي مهر لڳل معلوم ٿئي ٿي. ان ڪري اسان کي اهو فرض ڪرڻو ٿي پوي ٿو ته اهي رسمون، جن نظريات جي بنيادن تي ٻڌل آهن، سي اوائل ۾ بنيادي طور سادا ۽ حقيقي هئا. وڻ جو خيال، شايد ڪنهن خاص قسم جي وڻ جو، (چو ته ڪن وحشين وٽ وڻ جو عام لفظ موجود ڪونه آهي) اهڙو ته واضح ۽ حقيقي آهي، جو ان جي بنياد تي، عام دليلبازيءَ جي ذريعي، ساوڪ جي ديوتا جي وسيع تر خيال تائين پهچڻ آسان نظر اچي رهيو آهي. ۽ نباتات جي اهڙي عام نظريي جو الهيءَ موسم جي خيال سان منجهيل ٻوڙ جو امڪان آهي، جنهن ۾ ساوڪ نمودار ٿئي ٿي، ان ڪري 'بهار'، 'اونهاري' يا 'مئي' جي ڇاڻ، وڻ جي ديوتا، يا نباتات جي روح جو استعمال ٿيڻ، هڪ قدرتي ۽ آسان امر آهي، ساڳيءَ طرح سڙندڙ وڻ، يا سڪندڙ ساوڪ جي حقيقي خيال مان اهڙيءَ ئي دليلبازيءَ جي ذريعي 'موت' جي عام خيال تي پهچڻ جو قوي امڪان آهي، نباتات ڪي دوباره زنده ڪرڻ جي ابتدائي علامت طور سڪندڙ ساوڪ، يا سڙيل ٻوٽن ڪي، بهار جي موسم ۾ باهر ڪڍي وڃڻ جي رسم، آخرڪار وڃي ڪوٽ يا ضلعي مان 'موت' کي باهر ڪڍڻ جي رسم ۾ تبديل ٿي ويندي، بهار جي الهڻ رسمن ۾، 'موت' جو اصل مطلب سياري جي سڙندڙ، يا سڪل ساوڪ هٽڻ جي نظريي کي مٿنهار ڏيڻ جي به حمايت حاصل آهي، هو ان جي هن ثبوتي سان تصديق ڪري رهيو آهي ته ڪن علائقن ۾ ڪل آن جي ديوتا کي 'موت' جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، عام طور پڪل آن جي ديوتا کي مثل ته، ۽ پوڙهو تصور ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، جنهنکري ان کي 'بيرمرد' يا 'ٻوڙهي عورت' جي نالن سان موسوم ڪيو ويندو آهي. ار ڪن علائقن ۾ اڪل اناج جو جيڪو ٻوٽن سنگ ڪٽيو ويندو آهي، تنهن ۾ اناج جي ديوتا جو مسڪن سمجهيو ويندو آهي، جنهنکري ان کي "مثل" سڏيو ويندو آهي. اهڙي حالت ۾ ڀارن کي اهڙي ٻني ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو آهي، جتي اهڙو آخرين سنگ اڇا ٻيئل هوندو آهي، جو چوندا آهن ته اناج ۾ 'موت' ويٺو آهي. ٽرانسلوانيا جي سڪسن نسل وارا چوڪرا، مڪائي جي لاباري وقت هڪ ڄاڻ ڪڙندا آهن، جنهن ۾ هڪ اهڙي چوڪري کي 'موت' بڻائيندا آهن، جو ٽڻن کان ولي چوٽي تائين مڪائي جي ڏن سان ڍڪيل هوندو آهي.

۵- 'اونهاري' ۽ 'سياري' جي جنگ:- ڪن علائقن جي ڪڙمن جي رسمن ۾ سياري ۽ نباتات جي ستل طاقتن ۽ بهار ۽ سندس زنده ٿيندڙ نين طاقتن کي بن اداڪارن درميان ڊرامائي جنگ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، جي علي الترتيب 'سياري' ۽ 'اونهاري' جو ڪردار ادا ڪندا آهن. اهڙي طرح، سئيڊن ۾ مئي جي ڏهرين تاريخ تي، گهوڙيسوارن جا ٻه ٽولا ڪنهن مقرر ٽيل جاءَ تي اهڙي نموني سان اڇي ملندا هئا، جڏ ته هو ڪنهن موتمار مقابلي ۾ ڀڙڻ لاءِ آيا هئا. انهن سان ڪنهن هڪ ٽولي جي اڳيان 'سياري' جو نمائندو هلندو هو، جنهن کي ٻڌم جو لباس ڍڪيل هوندو هو ۽ جو هلندي هلندي، 'سياري' جي حڪومت کي طويل ڪرڻ خاطر برف جا گولا اڇلائيندو هلندو هو. ٻي ٽولي جو اڳوان وري تازن ڏن ۽ گلن سان ڍڪيل هوندو هو. ان کان پوءِ جيڪا ويڙهه ٿيندي هئي تنهن ۾ 'اونهاري' وارو ٽولو فتحياب ٿيندو هو ۽ رسم جي آخر ۾ دعوت ٿيندي هئي. هوڏانهن وري رائين مالري جي وڃڻ علائقي ۾ 'اونهاري' جي نمائندي، جو ٽهن کان چوٽي تائين ولين سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ 'سياري' جي نمائندي جي درميان، جو سڪل گاه ۽ ميوو سان ڍڪيل هوندو آهي، مقابلو ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ ، 'اونهاري' جو عيوضي ڪامياب ٿيندو آهي. شڪست خورده دشمن کي زمين تي اڇلائي، سندس گاه جو اوش لاهي ۽ ان کي چني کوهي، ذرو ذرو ڪري اڇلايو ويندو آهي. ساڳئي وقت ٻنهي رقبن جا نوجوان سائي 'سياري' جي شڪست ۽ 'اونهاري جي فتح جو گيت گائيندا آهن. بعد ۾ اهي "اونهاري" جي گلن جو هار، يا هڪ سائي ٽاري ڪٽي ڪوٽ جي هر گهر ويندا آهن ۽ آنن ۽ سوئر جي گوشت جي بخشش گهرندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن 'اونهاري' جي ڪردار ادا ڪندڙ کي مٽي ۾ گلن جو هار وڌو ويندو آهي. "پليٽينيٽ" ۾ اهو سانگ 'لينٽ' جي چوٽين آرتوار تي رچايو ويندو آهي. ٻوبريا جي سڄي علاقي ۾ الهي ساڳئي ڏينهن تي اهو ساڳيو سانگ رچايو ويندو هو ۽ ڪن حصن ۾ اڻويهين صدي جي وچ تائين ، اهو رواج هاندو آيو. هڪ طرف 'اونهارو' سبز پنن، ٽارين ۽ گلن سان ڍڪيل هوندو هو، جن جي مٿان رنگا رنگي ربنون هوا ۾ ڦڙڪندڙ رهنديون هيون، ۽ آنجي هٿ ۾ هڪ امڙي ٽاري هوندي هئي، جنهن جي چوٽي ۾ تازو ٻور نڪتل هوندو هو، ته ٻئي طرف وري 'سياري' کي پشم جو ڍڳو ڪوٽ ۽ ٽوپي ٻيل هوندي هئي ۽ هٿ ۾ برف کوڙڻ جو شيول هوندو هوس. سندن ٻوٽلڪن کي ، امڙي ئي قسم جي پوشاڪ ٻيل هوندي هئي، ۽ اهي ڪوٽ جي ٻيٽي ڪنڌن سان چڪر لڳائيندا هئا ۽ هرهڪ دروٽ ٻڌي ٻراڻن لوڪ گيتن جا مصرع گائيندا هئا، جنهن لاءِ ڪين روڪي، آنا ۽ سيوو، بطور بخشش ڏنا ويندا هئا. آخر ۾ 'اونهاري' ۽ 'سياري' جي درميان مقابلو ٿيندو هو، جنهن ۾ 'سياري' کي شڪست ايندي هئي ۽ ڪيس ٻيلي ڏانهن ڇڏايو ويندو هو.

ٻوبريا جي ڏکڻ ۾، گوٽفرٽز ۾ ٻ ماڻهو 'اونهاري' ۽ 'سياري' جو سانگ رچائي، "شروو-اگاري" ڏينهن ڪوٽ جي گهر گهر ويندا هئا، جتي ٻار ڏاڍي چاهه سان سندن آڇيان ڪندا هئا. 'اونهاري' کي سفيد ڪپڑا ڍڪيل هوندا هئا ۽ هٿ ۾ ڏانءُ هوندو هو، سندس ساڻي کي، جو 'سياري' جو ڪردار ادا ڪندو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي ۽ ٻڌم جي ڏوهي ۾ل هوندي هئي، بدن تي سکل گاهه، لڳل هوندو هو ۽ هٿ ۽ برف ۾ڇڻ جو شوق هوندو هو ۽ اهي هرهڪ گهر جي دروازي تي واري وڻي ۽ سان گيت گائيندا ويندا هئا. ٻرونسوڪ ۽ ڊرومنڊ وٽ، هن زماني ۾ائين 'اونهاري' ۽ 'سياري' جو مقابلو وٽسٽائيد جي تقريب تي ڪوٽ جي چوڪرن ۽ چوڪرين جي گروهن جي درميان ٿيندو آهي. چوڪرن جو ٽولو 'سياري' کي پڄاڻ لاءِ نڇندو، گائيندو ۽ واڪا ڪندو، ڪوٽ جي در در تي گهنڊ وڄائيندو ويندو آهي. انهن جي پٺيان وري 'مئي جي راڻي' جي سرڪردگي ۽ چوڪرين جو هڪ ٽولو ايندو آهي، جنهن ۾ان هرهڪ چوڪري ۽ کي رنگا رنگي ۽ چمڪيلا ڪپڙا، ۽ مٿي تي گلن جا هار ۾ل هوندا آهن، جو سوسم بهار جي آمد جي نمائندگي ڪندو آهي. اوائلي دور ۽ 'سياري' جو پارٽ گاهه جو پوتو ادا ڪندو هو، جنهن کي چوڪرا ڪٽي گهمائيندا هئا، ۽ هاڻي جيڏي جاڪندي ماڻهو ۽ کان اهو پارٽ ادا ڪرايو ويندو آهي.

اتر آمريڪا جي مرڪزي "ايسڪيمو" 'قبيلن' ۽ سياري ۽ 'اونهاري' جي مقابلي کي، جنهن يورپ ۽ هينئر ۾جي فقط هڪ سانگ جي صورت اختيار ڪئي آهي، هوائن تي قبضي رکڻ لاءِ جادو ۽ جي هڪ ٽوٽي طور استعمال ڪيو ويندو آهي. سرڻ جي موسم ۽، جڏهن طوفان قطبي سياري جي ويراني ۽ جي آمد جي پيشينگوئي ڪندا آهن، تڏهن ايسڪيمو لوڪ ٻن ٽولن ۽ وراهجي، هڪڙا بدڪن جو ڪردار ادا ڪندا آهن، ته ٻيا اڇن قطبي تترن جو، جيڪي سياري ۽ جايل هوندا آهن، سي اڇا تتر ٿيندا آهن ۽ جيڪي 'اونهاري' ۽ جايل هوندا آهن، سي بدڪ ٿيندا آهن. ان کان پوءِ سيل مڇي ۽ جي ڪل مانڌيل هڪ رسو وچ تي رکندا آهن، جنهن کي ٻئي ٽولا مخالف طرفن ڏانهن ڇڪيندا آهن ۽ هڪ ڊر وارا ٻي ۽ مخالف ڊر وارن کي پنهنجي طرف گهلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇا تنر گهلجي ويندا آهن، تہ جو ايسڪيمو لوڪ ايندڙ سياري
۾ جڳهہ ۽ معتدل آب و هوا جي اميد رکندا آهن.

۶- ڪوسڙو ٻولڪو جو موت ۽ نڙون جنم: روس ۾
'موت' کي نيڪالي ڏيڻ يا 'ڪارنيوال' کي دفن ڪرڻ جهڙن ماتمي
جلوسن جون رسمون 'موت' ۽ 'ڪارنيوال' جي نالن سان ڪو ادا
ڪيون ويندي ٻون آهن، ۽ انهن کي ڪن ڏند ڪٿائن جي
نالن، جهڙوڪ "ڪوسڙو ٻولڪو"، "ڪوسڙوما"، "ڪوپالو"،
"لادا"، ۽ "يا ريلو"، سان موسوم ڪيو ويندو آهي.
روسي رسمون بهار ۽ اونهاري جي وچ ۾ ادا ڪيون ويندي ٻون آهن.
اهڙيءَ طرح لڏل وشيا ۾ ايسٽر ٽائيڊ وقت هڪ اهڙي رسم ادا
ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ ڪوسڙو ٻولڪو نالي هڪ اهڙي شخص جي
دفن ڪرڻ جو سانگ رچايو ويندو هو. هڪ چوڪريءَ کي زمين تي
اهڙي نموني سان ليٽايو ويندو هو، جو ڄ هوءَ مئل آهي ۽ ان جي
چوڌاري ڪائيندڙ چوڪرا ۽ چوڪريون گول چڪر ۾ ٻڌي هي
گيت ڳائيندي هيون:-

"مري ويو، مري ويو، اسان جو ڪوسڙو ٻولڪو،
مري ويو، مري ويو، اسان جو هڪ پيارو."

تان جو چوڪري اوچتو اٿي ڪڙي ليندي هئي، جنهن تي
سڀئي خوشيون ڪندا هٿا ۽ هيٺيون گيت آلاپيندا هٿا:-

"جيئرو ٿيو، جيئرو ٿيو، ڪوسڙو ٻولڪو اسان جو،
جيئرو ٿيو، جيئرو ٿيو، هڪ پيارو اسان جو."

سينٽ جان جي شام تي (مڊسمر ايو) بلال مان 'ڪوپالو'
جو هڪ مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي زنانہ ڪپڙا
پارايا ويندا آهن، ڪنجيءَ ۾ هار، ۽ مٿي تي ڪلن جو تاج وڌو ويندو
آهي، ان کان پوءِ هڪ وڻ ڪيرايو ويندو آهي، جنهن کي
رنگ برنگ ربن سان سينگاري هڪ اکوڙ چوڌاري جاءَ تي
کڻي وڃي کوڙيندا آهن. ان جي پرسان انهيءَ بت کي رکيو
ويندو آهي، جنهن جي پاسي ۾ وري هڪ موز رکي هوندي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن تي شراب ۽ پکل گوشت رکيو ويندو آهي. ٻاهر جو وڏو
مڇ ٻاري، چوڪرا ۽ ڪنواريون چوڪريون، جوڙي جڙي جي
صورت ۾، بوتي کي هٿ ۾ ڪٽي، ٻاهر جي آر ٻار ٽپا ڏيندڙون
آهن. ٻئي ڏينهن تي وڻ ۽ بوتي تان سڀ ساز و سامان لاٽو
ويندو آهي ۽ انهن کي ٻاسي واري ڪنهن وهندڙ نهر، يا
ڪسي ۾ لوڙهيو ويندو آهي."

سينٽ پيٽر جي ڏينهن (۲۹ جون تي)، يا ان کان پوءِ
ايندڙ آرتوار ڏينهن، "ڪوسٽروما"، يا 'لاڊ'، يا 'ياريلو'
جو جنازو روس ۾ ڪڍيو ويندو آهي. "پينزا" ۽ "سمبرسڪ"
جي حڪومتن ۾ هيئڻ نموني سان ماتمي جلوس ڪڍيو ويندو
هو. ۲۸ جون تي ٻاهه جو هڪ وڏو ڊانڊ ٻاريو ويندو هو ۽ ٻئي
ڏينهن صبح جو، ڪنواريون چوڪريون جمع ٿي، ٻاڻ منجهان
هڪ کي 'ڪوسٽروما' جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چونڊيندڙون
هيون ۽ ان کي ڏڪا ڏڪا سلام ڪري، سندس اڳيان جهڪي
ان جو احترام ڪنديون هيون. ان کان پوءِ، ڪيس هڪ تختي
تي ويهاري، ٻه واري ڪنهن کسي يا واهه تي ڪٽي ويندون
هيون. اتي پهچي، سڀ چوڪريون گڏجي ان کي واهه جي ٻاڻي
سان وهنجائيندون هيون. سڀني چوڪرين کان ڇڪا وڏي عمر
واري هوندي هئي، سا ان وچ ۾ بيد جي وڻ جو ڇوڙو لاهي،
منجهانئس هڪ ٽوڪرو ٺاهي، ڏهل وانگر ويهي وڄائيندي هئي. اهي
سڀ ڪم پورا ڪري، چوڪريون واپس ڪوٺ ايندڙون هيون ۽
شام جو جلوس ڪيندڙون هيون، يا ناچ ڪنديون هيون، يا وري
راندين ڪري ڏينهن پورو ڪنديون هيون. موروم ضلعي ۾
'ڪوسٽروما' جو ڪردار گاهه مان ٺهيل هڪ بوتي کي ادا ڪرڻو
هوندو هو، جنهن کي زنانه ڪپڙا ڀرائي، گلن سان سينگاريو
ويندو هو. انهي بوتي کي هڪ ڪوٺ ۾ رکي، پر واري ڏڪي،
يا نهر تي ٽيو ويندو هو، جتي جلوس جا ماڻهو ٻن ٽولن ۾ وراهجي،
منجهانئس هڪ، بوتي تي حملو ڪندو هو، تہ ٻيو ان جو بچاءُ ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. آخرڪار، حملا آور ٽولو جيڪي ويندو هو، ٻوٽيءَڪي ٻڪڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هو ۽ سندس ڪپڙا ۽ زيور ڦريا ويندا هئا، جنهن ڪاهڻ ماڻ اهو ٻوٽو لهيل هوندو هو، تنهن کي ٻيرن سان لتاڙيو ويندو هو ۽ بعد ۾ درياه يا ڏنڊ ۾ اڇلايو ويندو هو. هوڏانهن وري ٻوٽي جي بچاءَ ڪرڻ وارا ٻنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي، "ڪوسٽروما" جي تسمت تي روئڻ جو مڪر ڪندا هئا. ڪوسٽروما ضلعي ۾ وري "ياريلو" کي دفن ڪرڻ جي رسم ۲۹ يا ۳۰ جون تي ادا ڪئي ويندي هئي. ڪوٽ جا ماڻهو هڪ پوڙهي شخص کي چونڊي، ڪيس ڪفن جي هڪ صندوق هٿن ۾ ڏيندا هئا، جنهن ۾ 'ياريلو' جو بت ٻيو هوندو هو، جنهن کي هو ڪوٽ کان ٻاهر ڪڍي ويندو هو. ڪوٽ جون زالون سينا ٻڌيان ماتم ۽ شاهو ڪندي هونديون هيون. ڪنهن ٻڍي ۾ ايڏي هڪ قبر کوٽي ويندي هئي، جنهن ۾ 'ياريلو' جي مجسمي کي، روح ۽ راڙي جي آواز جي وچ ۾ دفن ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ وانديون روندون ڪيون ويندون هيون، جن کي ڏسي "بت پرست سلوونين ٻيلن وارن جون قديم زماني واريون ماتمي وانديون ياد اچي ويندون. لڳ رشيا ۾ 'ياريلو' جي بت کي ڪفن جي صندوق ۾ وجهي، شام کان پوءِ ڪوٽ جي گهٽين ۾ گهمايو ويندو هو، جنازي جي ٻڌيان وري شراب جي نشي ۾ مدهوش عورتون هونديون هيون، جي ماتم جو سانگ رچائيندڙ ويندڙ هيون ۽ رات ڌاڻ "هو-مري ويو" "هو مري ويو" چوندڙ هلندڙ هيون. مرد وري ٻوٽي کي صندوق ماڻ ٻاهر ڪڍي ڏوڪڙ ڏيندا هئا، جڏ تہ اهي مڙس ماڻهو کي دوباره زنده ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. بعد ۾ هو عورتن کي چوندا هئا تہ "اي عورتو! نہ روئو، اسان کي معلوم آهي تہ ماڪي ڪان وڌيڪ مٿي ڪهڙي شئي آهي" ۽ عورتون روح راڙو ڪندڙ رهنديون هيون، جيئن اهي عام طرح جنازي ماڻ چوندڙ آهن: "او، هن ڪهڙو گناه ڪيو هو؟ ڪهڙو نہ ڇڪو هوا هاڻي ڪڏهن ۽ جيئرو ڪونہ ٿيندو. اڙي، اڙي، تو کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ حياتيءَ ۽ کيڙو مزو؟ آڻ، آڻ، فقط هڪ ڪلاڪ واسطي ٻي آڻ. ۽ الا، ٿو الي، ٿو الي." آخرڪار 'ياريلو' کي دفن ڪيو ويندو هو.

۷- نباتات جو موت ۽ ٿئون جنم:- اهي رسمون ساڳيون ٿي آهن، جن کي آسٽريا ۾ جرمنيءَ ۽ "موت کي ايڪالي ڏيڻ" چوندا آهن. تنهنڪري هوڏينءَ رسم مان اسان جيڪو مطلب ڪڍيو آهي، سو جيڪڏهن صحيح آهي، تہ هوءَ روسي ڪوسٽرو ونڪو، ياريلو ۽ ٻيا، اوائل ۾ نباتات جي ديوتا جا نمائندا هوندا، جن جي موت کي سندن ٿئين جنم لاءِ ضروري ابتدا سمجهي ويندي هوندي. موت کان پوءِ ٿئين جنم جو سانگ پهرينءَ رسم ۾ رچايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪوسٽرو ونڪو جو موت ۽ ٿئون جنم ڏيکاريو ويو آهي. روسي رسمن مان ڪن ۾ نباتات جي روح جي موت جو سانگ، وچ اونهاري ۾ چو رچايو ويندو آهي، تنهنجو سبب اهوئي ٿو معلوم ٿئي تہ اونهاري جي وڏي ۾ وڏي ڏينهن کان پوءِ، ڏينهن درجي بدرجي ننڍا ٿيندا ويندا آهن ۽ اونهاري جو زوال شروع ٿي ويندو آهي، جڏهن سڄ پنهنجي هيٺاهين سفر جو آغاز ڪندو آهي.

"انهن اونڌاهين کڏن ڏانهن،
جتي سياري جا ٻارا ٻيا هوندا آهن".

سالياني تبديليءَ جي اهڙي وقت کي، جڏهن اڄا ساوڪ ۾ ٿي اونهاري جي ٻجاڻيءَ جي شروعات پوشيده آهي، اوائلي انسان پنهنجي جادوءَ جي اهڙن ٽوٽڪن ٽيڻن کي شروع ڪرڻ لاءِ ٻجا طور منتخب ڪيو هوندو، جن جي ذريعي هن کي ساوڪ جي ساڻ کي روڪڻ، يا ڪرازڪر ان جي دوباره پيدا ٿيڻ جو آسرو هوندو.

حالانڪ بهار ۽ اونهاري جي رسمن مان گهڻين ۾ ساوڪ جي موت، ۽ ٿورين ۾ ان جي دوباره جنم، جو سانگ رچايو ويندو آهي، تنهن هوندي ۽ انهن رسمن ۾ کي ڪالهيون اهڙيون ۽ موجود آهن، جي فقط انهيءَ ٻوليءَ سمجهائڻ ڏکيون آهن. انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسمن جي ادا ڪرڻ وقت جيڪو سنجيده تسر جو ماتمي جلوس ڪڍيو وڃي ٿو، يا جيڪو شاهو ڪيو وڃي ٿو ۽ ماتمي لباس ڍڪيو وڃي ٿو، سو يقيناً ساوڪ جي مهربان ديوتا جي موت تي ٿي موزون ۽ جڳائيندڙ آهي. ۽ ان لاءِ ڪهڙي سمجهاڻي آهي، جڏهن هوتي جي جلوس سان گڏ ڪل، جرجي، مستيءَ ۽ مذاق جو مظاهرو ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي ڇرن ۽ لڙن سان مار ڪيڊي وڃي ٿي، يا ان تي لنوڙن ۽ طعنن تنڪن جي بارش ڪئي وڃي ٿي؟ يا پلا ان لاءِ چا چڄي، جڏهن هوتي جي ڪائيءَ کي ڪٽي ويندڙ، ان کي ڦٽي ڪرڻ کان ٻوءِ جنهن عجلت ۽ تيزيءَ سان هڪ ٻئي مٿان ڪرندا ۽ ٽاپا ٽوپا ڪائيندا، واپس موٽندا آهن، يا هن اعتقاد لاءِ وري ڪهڙي سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي ته جيڪڏهن جلوس وقت، ڪنهن گهر اندر هوتي جي نظر پئجي ويندي ته ان گهر جو ڪو نه ڪو ياتي ضرور مرندو؟ الهيءَ ڏپ جي هءَ سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي ته سڙيل ساوڪ ۽ وڇڙن جو اثر آهي، جنهن ڪري ان جي ڀريت وڃي، خطري کان خالي ته هوندو، ۽ اها سمجهاڻي اهڙي ته ناقص ۽ ڇڪيل آهي، جو ان مان 'موت کي باهر ڪڍڻ' جي جلوس واريءَ خوشيءَ ۽ ڪل لاءِ ڪو جواز نٿو ملي سگهي. ان ڪري مٿين رسمن جون ۽ جدا ۽ متضاد وصفون خيال ۽ رکٽيون هوندیون، هڪ طرف، ساوڪ جي موت تي غم، ۽ مرندڙ لاءِ احترام ۽ پيار، ٻئي طرف، مثل شيءَ کان خوف ۽ ان لاءِ نفرت، ۽ ان جي موت تي خوشي، انهن بن صورتن مان پهرينءَ جي سمجهاڻي ڏيڻ جي مٿي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، باقي ٻوئين حالت پهرينءَ سان ڪهڙي نموني اچي ڳڏي آهي، تنهن جي سمجهاڻي هيٺ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

۸- هندستان ۽ ساڳيون رسمون :- هندستان جي ڪانگڙا ضلعي ۽ نوجوان چوڪريون موسم بهار ۽ هڪ اهڙي رسم ادا ڪنديون آهن، جا مٿي بيان ڪيل يورپي رسمن سان ملندڙ ۽ ٽهڪندڙ آهي. انهيءَ رسم کي "رالي کا ميلا" ڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، راڻي، شو يا ٻاروتيءَ جو مڙس جو هڪ ڇٽيل مجسمو هوندو آهي. اها رسم ڪانگڙا جي سڄي علائقي ۾ ملهائي ويندي آهي، ۽ ان جا سيٽي ساٺ ۽ سوڻ چوڪريون ادا ڪنديون آهن. اها تقريب چيٽ (مارچ - اپريل) جي سڄي مهيني تائين ملهائي ويندي آهي، تان جو وڄي ويساک جي سنگرات تي ختم ٿيندي آهي. مارچ مهيني جي ڪنهن صبح جو، ڳوٺ جون سيٽي چوڪريون گلن ۾ گاه سان پريل ننڍيون ٽوڪريون مٽي تي رکي ڪنهن مقرر جاءِ تي ڪٽي ويندیون آهن، جتي سيٽي ٽوڪريون اونڌيون ڪري، انهن مان گل ۽ گاه زمين تي ڍير ڪنديون آهن. آڻ ڪان پوءِ سيٽي ڇٽيون هٿ ملائي ان ڍير جي چوگرد ڦيرون پائي نچنديون ۽ ڳائينديون آهن. اهو سلسلو ڏهن ڏينهن تائين روزانو هلندو رهندو آهي، تان جو گلن ۽ گاه جو اهو ڍير ڪافي بلند ٿي ويندو آهي. ان ڪان پوءِ سڀ چوڪريون گڏجي ٻاسي واري ٻيلي ۾ ويندیون آهن، جتان آهي وڻ جون ٻه اڌيون ڪاريون وڏي ساڻ ڪٽي ايندیون آهن، جن جي هڪ ٻاسي ڪان ٿي ننڍيون، ۽ مضبوط شاخون ڪٽل هونديون آهن. اڌڻ ڪارين کي صاف ڪري گلن جي ڍير مٿان اڌيءَ طرح اونڌو ڪري رکنديون آهن، جو ڏ - ڇانگو ٻاسو گلن جي ڍير مٿان، ۽ ڪاريءَ جو سڌو سنئون، ۽ ڏکڻ ٻاسو مٿي هوندو آهي. ڪارين جي مٿين حصن وٽ شوا ۽ ٻاروتيءَ جون مورتيون لٽڪايون ويندیون آهن، جي ڪنيارڻ ڪان مٽيءَ مان ٺهرايون ويندیون آهن. انهن کي سينگارڻ ڪان پوءِ چوڪريون ٻن ٽولن ۾ تقسيم ٿي ويندیون آهن، جو مان هڪ شوا جي، ۽ ٻي ٻاروتيءَ جي طرف هوندي آهي. ٻنهي مورتين جي شادي ڪئي ويندي آهي، ۽ ان موقعي تي ڪاري ننڍي ڪان ننڍي رسم ادا ڪرڻ ڪان نظر انداز ڪائم ڪئي ويندي آهي. شادي گذرڻ بعد هڪ دعوت منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن جو خرچ چوڪرين جا والدين پاڻ ۾ ويسي ڪري ٻورو ڪندا آهن. ٻيءَ سنگرات (ويساکيءَ) تي سيٽي چوڪريون گڏجي ٻنهي مورتين کي ساڻ ڪٽي ٻاسي واري واهه يا درياهه

www.sindhsalamat.com . books.sindhsalamat.com

تي ويندڙيون آهن، جتي مورتين کي اوهي پاڻي ۽ اچلائي اهڙي طرح روئنديون آهن، جڏ تہ انهن جي مرڻ جي رسم ادا ٿي رهي آهي. ڪوئن جا چوڪرا وري انهن کي چيڙڻ لاءِ پاڻي ۽ غوطا هڻي، مورتين کي متي ڪڍي، انهن جي ساهون هوا ۽ لوڏائيندا آهن ۽ چوڪريون شاهو ڪنديون آهن. انهيءَ رسم جو مقصد چوڪرين لاءِ دلپسند شوهر ڪوئن جو هوندو آهي.

مٿين هندستاني رسم ۽، شوا ۽ پاروتيءَ کي سڀزيءَ جو ديوتا ۽ ديوي سمجهيو وڃي ٿو، اها ڳالهہ هن سان صاف ظاهر آهي جو انهن جي مجسمن کي ساڻ تارين مٽان ويهاري، گلن ۽ سائي گاهہ جي ڍير تي رکيو وڃي ٿو. يورپ جي لوڪ-رسمن واڪفر هڻي ۽ ساوڪ جي ديوتائن کي ٻني لهوليءَ سان ڏيکاريو وڃي ٿو— يعني سبز پوڻن ۽ مجسمن ذريعي. موسم بهار جي هندستاني ديوتائن ۽ ديوين جون اهي شاديون يورپ جي انهن رسمن سان مشابهت رکن ٿيون، جن ۽ 'مي-بادشاهہ' ۽ 'مي-راڻيءَ' يا 'مي-ڪنوار' ۽ 'مي-ڪوئن' جون شاديون بهار جي موسم ۽ ادا ڪيون ويندڙيون آهن. مجسمن جو پاڻيءَ ۽ اچلائڻ ۽، انهن يوروپي رسمن سان مشابهت رکي ٿو، جن ۽ ساوڪ جي مرده روح کي "موت" "ياربلو"، يا "ڪوسٽروما" جي نالن سان پاڻيءَ ۽ پوڙي انهن مٽان شاهو ڪيو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح، جيئن هندستان ۽ اهي رسمون چوڪريون ادا ڪن ٿيون، اهڙيءَ طرح يورپ ۽ ۽ اهي رسمون صنف نازڪ لاءِ ٿي مخصوص آهن. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ سبب چوڪرين کي دل موافق شوهرن ملڻ جو اعتقاد: ساوڪ جي روح ۽ تيزيءَ سان وڌي ڪرڻ، ۽ جلد قلدار ٻنائڻ جي خوبين هڻ ڪري ٻيدا ٿيل نظر اچي ٿو.

۹- جادوءَ جو چشمو:- مٿي ذڪر ڪيل رسمن متعلق اسان کي جيڪا سمجهائي اختيار ڪرڻي پئي آهي، سا هيءَ آهي تہ اهي رسمون دراصل جادوءَ جا ٽوٽا ڦٽا هٿ، جي ستل فطرت کي موسم بهار ۽ وري جاڳائڻ لاءِ ادا ڪيا ويندا هٿا. جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعن سان اهي ٽوڙا پنهنجو مقصد حاصل ڪندا هئا، سي هتا نقل ۽ هر آهنگيءَ قدرتي نظام جي حقيقي اسباب کان بيخبر، اوائلي انسان جو اعتقاد هو ته فطرتي ردعمل ٻيدا ڪرڻ لاءِ جنهن تي سندس زندگيءَ جو دارومدار هو، ڪيس فقط ان جو نقل ڪرڻو ٻوندو هو، جنهن کان هڪدم ٻوءِ ڪنهن خفيه تعلق يا هر آهنگيءَ سبب، کي ڪانئس زياده طاقتور هستيون سندس لنڊڙي ناڪ جو، جيڪو هن ٻاڻ، ڏرتيءَ تي ڪنهن ٻيلي جي هڙيءَ، ڪنهن جبل جي واديءَ، ڪنهن ريگستاني ميدان يا وري ڪنهن طوفاني ساحل تي ادا ڪيو هو، خود بخود وڏيءَ ۽ زياده طاقتور سطح تي نقل ڪندڙون ۽ سندس مقصد حاصل ٿي ويندو. هن کي خاطري هئي ته هو ساون ونن ۽ ڳلن سان سانگ رچائي، اکاڙي زمين کي ٻاڻ کي ساوڪ سان ڍڪڻ ۽ مدد ڏئي ٿو، ۽ سياري جي موت ۽ دفن جو ناڪ ڪري، هو الهيءَ آدامن موسم کي هڪالڻ، ۽ واپس ورندڙ بهار جي رستي مان رکاوٽن کي هٽائڻ ۽ مدد ڏئي ٿو. هن وقت جيڪڏهن اسين ٻاڻ کي تصور ۽ ۽ الهيءَ دماغي حالت ۽ ته ٻاڻ ٻهچائي سگهون، جنهن ۽ اهڙيون ڳالهيون هوند ممڪن معلوم ٿين، ته گهٽ ۽ گهٽ وحشيءَ جي الهيءَ فڪر جو بخوبي اندازو ڪري سگهون ٿا، جو هن سڀ کان ويهرائين جسماني ۽ حيواني ضرورتن کان بالاتر ۽ آجو ٿي، فطرتي نظام جي سڀين ۽ نتيجن تي غور ڪرڻ کان ٻوءِ، الهن جي مسلسل ظهور واسطي محسوس ڪيو هوندو. اسان کي جو هن وقت نظام شمسيءَ جي مختلف شڪلين، حادثن ۽ واقعن جي باقاعدگيءَ ۽ يڪسانيت جي خاطري ٿي چڪي آهي، ان ڪري اسان کي ڪو وهم و گمان ۽ نه ٿو اچي سگهي ته جيڪي سبب انهن نتيجن جي ظهور لاءِ ذميدار آهن، سي ڪجهه عرصي بعد ختم ٿي ويندا، پر فطرت جي يڪسانيت ۽ اهو اعتقاد آسان وت تمام گهڻي تجربي، مشاهدي ۽ زمانن جي روايات جو نتيجو آهي، وحشيءَ وٽ سندس مشاهدي ۽ روايات جي محدود دائري سبب، تجربي جا اهي بنيادي جزا ئي موجود ڪنهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ان جي دل و دماغ کي فطرت جي روزانه ڦرندڙ گھرندڙ ۽ زياده تر، سندس وجود کي خطري ۽ وجھندڙ، حالات متعلق کو سکون ۽ آرام بخشي سگھن. ان ڪري، ڪو، عجب ڪونھي جو ھو سچ يا چنڊ گرھن کي ڏسي ڈکي ٿو ۽ ائين سمجھي ٿو تہ جيڪڏھن ھو انھيءَ راکاس کي، جو انھن آسماني چراغن کي گل ڪرڻ جي ٻيان کاھي ڪيو آھي، ٻنھنجا ننڍڙا ۽ بي اثر تير ھٿي نہ ٻچائيندو، تہ اجھو کي اجھو سچ يا چنڊ فنا ٿيو، ان ۾ ڪنھن تعجب جي گنجائش ڪانھي تہ رات جي ٻات اونداھيءَ ۽ ھو ڪنھن ٻڙڙ تاري جي ظھور سبب آسمان جي ڪنھن حصي کي اوچتو ئي اوچتو چمڪندو ڏسي، حيران پريشان ئي وڃي ٿو، حتيٰ ڪ فطرت جي انھيءَ نظام کي ۽، جو ٻنھنجي مقرر وقت تي باقاعدگيءَ سان ظھور ۾ ايندو رھي ٿو، ھو تيسين فکر ۽ بي آراميءَ سان ڏسي ٿو، جيسين تجربو ڪيس سيکاري ٿو تہ اھي حالتون خود بخود، ۽ بغير ڪنھن ٻاھروائي مداخلت يا امداد جي وجود ۾ ايندیون رھنديون. ھن لاءِ قدرتي چکر جي انھن فصلي تبديلين کي جلد يا دير سان سمجھڻ جو دارومدار ڪنھن ۽ خاص چکر يا تبديليءَ جي طوالت تي رھي ٿو. مثال طور، ڏينھن ۽ رات جو چکر، ھر ھنڌ، سواءِ قطبي علائقن جي، ايتري قدر ننڍو ۽ جلد ختم ٿيندڙ آھي، جو ماڻھن شايد ان جي دوباره ظاھر ٿيڻ جي انديشي کان جلد ئي نجات حاصل ڪئي ھوندي، جيتوڻيڪ مصري ماڻھن، جيڪي اسمان مٿي ڏسي چڪا آھيون، ماه جي انھيءَ گولي کي، جو شام جو مغرب جي گلابي آفق ۾ غائب ٿي ويو ھو، ٻئي ڏينھن صبح جو مشرق مان ظاھر ٿيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ھر روز سوين منٽ جنتر پڙھندا ھٿا. ۽ موسمن جي سالياني چکر جي ڪالھ ئي مختلف ھٿي. ڪنھن ۾ ماڻھوءَ لاءِ سال جو عرصو تمام ڏکوئو آھي ۽ وحشيءَ لاءِ، جنھن کي وقت جي ورواڻ جي حساب ڪتاب رکڻ جا ذريعا ئي ڪونہ، ھٿا ۽ جنھن جو حافظو تمام ڪوتاه ھو، سچو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ايترو تہ طويل عرصو هوي جو هو ان کي باقاعده چڪر سمجهن کان قاصر هوندو ۽ زمين ۽ آسمان جي تبديلين کي هو دائمي حيرت ۽ استعجاب جي نظرن سان نهارينـدو رهندو هوندو وقتي خوش ٿيندو هوندو، تہ ڪنهن وقت ڏڪي ويندو هوندو ڪڏهن سندس دل خوشيءَ کان اڇلندي هوندي، تہ ڪڏهن فڪر لاحق ٿيندو هوندس، جيئن جيئن گرميءَ ۽ روشنائيءَ يا حيواني ۽ نباتاتي زندگيءَ جون تبديليون سندس سڪ يا دڪ جو باعث ٿيندڙيون رهنديون هونديون، موسم خزان ۽ خشڪ هوائن جي جهوٽن ۽، جيئن جيئن هو وڻ جي سڪل پنن کي گول چڪر ڪاڏيندو ڏسندو هوندو، تيئن تيئن ڪيس شڪ پوندو هوندو تہ چا، اهي وري ساوا ٿيندا؟ روز بروز جيان، هو سڄ کي جيئن ٻوءَ تيئن هيٺ لهندو ڏسندو هوندو، تيئن ڪيس ڪهڙي خاطري ٿيندي هوندي تہ اهو آسماني چراغ وري ٻ ٻنهنجيءَ اصلوڪيءَ بلنديءَ تي واپس ايندو يا نہ؟ تان جو ڳهٽندڙ چنڊ جي ڏاڪي کي روزانو افق ۽ غائب ٿيندو ڏسي، هن جي دل ۽ شڪ پيدا ٿيندو هوندو تہ آئينده شايد چنڊ ايرلدو ئي ڪونہ.

انهن ۽ ٻين اهڙن هزارين انديشن ۽ خدشن جا هجوم انهيءَ انسان جي دماغ ۽ اينداء ويندا ۽ سندس دلي سڪون ۽ خلل انداز ٿيندا هوندا، جنهن فقط سياڻي جي فڪر کان بالا تر ئي، دنيا جي ڏورانهين مستقبل جي متعلق ابتدا ۽ سوچ شروع ڪيو هوندو. اها هڪ بلڪل فطرتي ڪاله هئي تہ اهڙن خدشن ۽ خيالن کان متاثر ٿي، سڪل شاخ کي وري پور جهلن جي طاقت بخشي، سياري جي ڪمزور ۽ بي طاقت سڄ کي آسمان جي هڪ ڪناري ڪان واپس موڪلائي، ان جي اونهاري واريءَ بلنديءَ تي آڻي ۽ روزانہ ڳهٽندڙ چنڊ جي سيمين چراغ کي سندس اصلي مڪمل روپ ڏيڻ لاءِ هو ٻنهنجيءَ دماغي صلاحيت مطابق سڀ ڪجهہ ڪري، پوءِ تہ اسين ان جي بيسود ڪوشش تي ڪلون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ر اهو فقط طويل تجربن جو نتيجو هو، جو انسان آخرڪار، پنهنجين ڪوششن سان ڪن جي ڪار ۽ پسوڏ ۽ باقي ڪن جي ڪارگر ٿئي جو سبق حاصل ڪيو. آخرڪار جادو انهن تجربن جو مجموعو ئي ته آهي، جي ناڪامياب نه ٿيا آهن ۽ جن ئي انهن سببن ڪري، جن جو اسين مٿين باب ۾ بيان ڪري آيا آهيون، عمل ٽيندو رهي ٿو، جو عامل کي انهن جي ناڪاميابيءَ جو علم ئي ڪونهي. علم ۽ معلومات جي واڌاري سان، يا نه اهي رسمون ختم ٿي وڃن ٿيون، يا وري گهٽي زمالي جي گذرڻ کان پوءِ ۽، جڏهن انهن جي ادائگيءَ جو اصل مقصد ماڻهن کان وسري وڃي ٿو، انهن تي فقط عادت جي مجبوريءَ کان عمل ٽيندو رهي ٿو. چنانچ، پنهنجيءَ بلنديءَ کان پستيءَ ڏانهن هيٺ ڪري جڏهن انهن کي ايتري قدر مؤثر نه ٿو سمجهيو وڃي، جو انهن جي باقاعده ۽ پوري وقت تي ادائگيءَ سڀاڻ ئي ٿوم جي پلائيءَ ۽ ڪن حالات ۾، وجود جو دارومدار سمجهيو وڃي، اهي سادين نمائشن، سانگن، نقلن ۽ ولدرن جي صورت اختيار ڪن ٿيون، تان جو آخرين منزل تي، جڏهن عوام جا بزرگ انهن کي بلڪل نظر انداز ڪن ٿا، تڏهن اهي ڪنهن زماني جي عقلمندن، حڪمن ۽ ويجهن جي سنجيده مشغلي جي اعليٰ درجي کان هيٺ ڪري، پارن جي راند ۽ ولدر جو ذريعو رهجن ٿيون. تاهودي جي الهيءَ آخرين منزل تي ئي اسان جي يوروپي ابن ڏاڏن جي جادوءَ جون رسمون موجود نظر اچي رهيون آهن، ۽ پناه جي الهيءَ آخرين جاءِ تان ۽ جديد دور جي مختلف اخلاقي، دماغي ۽ سماجي توڙ جي وڏاڙ موج، جا انسان ذات کي هڪ ٽيئءَ ۽ ان سچائل منزل ڏانهن گهلي رهي آهي، انهن کي مڙي سڙهي ان سان گڏ ڪٽي وڃن جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. اهڙن عجيب و غريب رسمن ۽ رنگين سانن جي ختم ٿين تي، جن هن خشڪ ۽ مادي دور ۾ ۽ قديم دور جي تازگي ۽ خوشبوءَ ۽ دنيا جي موسم بهار جي مني ۽ فرحت بخش هير ڪي قائم رکيو آهي، فطرتي طور افسوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور ٿيندو، ۽ جڏهن اسين هي ڳالهه ياد ڪنداسون ته انهن
رنگين جلوئن ۾ سالگن جو بنياد جهالت، وهم ۽ اڻڄاڻائيءَ تي رکيل
آهي، تڏهن انسان جي رنج جي شدت گهٽجي ويندي. اهڙي طرح
انساني ڪوشش ۾ جد و جهد جي تاريخ آهن، تهڪاڻي وقت ۽ ڪائر
۽ بيسود قابليت، فضول محنت ۽ غلط انڊن جو داستان اڻ آهن،
۽ سڀ رنگين سازوسامان— گان، انهن سڀ رنگ برنگ رڻن، دهان ۽
باڻن— جي باوجود اهي هڪ بيذاڪ انساني هٿ جي ڪجاڻ
هڪ نهايت دڪدائڪ ۽ افسوسناڪ قصي واڪر آهن.

مٿنهاروءَ جي نقش قدم تي هلندي، انهن سالن سوڻ ۽ رسم
۽ رواڻن جي متعلق سون جنهن سڀجهاڻي ڏين جي ڪوشش ڪئي
آهي، تنهن کي هن ڪتاب جي هيرين شاعت کان پوءِ آسٽريليا
جي قبيلن جي انهن رسمن جي متعلق هن معلومات ملي کان اڳ ڪا
اهڙي فطرت جي سڀ ڪوتن کي بيدار ڪرڻ لاءِ آسٽريلوي ٻهار
جي اڃ ڪان ڪ عجيب ۽ غريب ساڻسون کندا آهن ڪافي
تقويت ملي آهي. دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي ۾ موسن جو
فرق ۽ انهن جون تبديلئون شايد اهڙيون ناڪهاني ۽ نمايان ڪوب
هونديون آهن، جهڙيون مرڪزي آسٽريليا جي ريگستان ۾ سٿي
طويل خشڪ سوڪ ڪان پوءِ، جڏ ٿي ڪاڪو شي ۽ ڦوٽ جي
سڀاڻي جو راڄ هوندو آهي، اوچتو ئي اڻڄاتو ولڻ ڏڻن، مينهن جي
وهڪارن ڪان پوءِ زمين ساوڪ سان ڍڪيل ۽ فضا مشڪبار
۽ هزارن ڪنڊن ڪرڙين، ڏيڏرن ۽ پکين جي آوازن سان ڇهڪندڙ
نظر ايندي آهي. فطرت جي شڪل و صورت ۾ اهڙن سوڻين ڦي
جهڪا عجيب تبديلي آڻيندي آهي. تنهن کي متعدد ٻوڙي
ميصرن ۽ جلدوءَ جي اثر هان تعبير ڏنو آهي. پوءِ ته ان ۾ ڪوبه
تعجب ڪونهي، ته هڪ وحشي برادر ڪي، اڌر حقيقت، جادوءَ ۾ ڇو
اثر سمجهي. اهڙي خوشڪوار ۽ وڻندڙ موسم جي اچڻ کان ٻوڙوڻي
اڳ مرڪزي آسٽريليا جا قبائلي جادوءَ جون راهيون رسمون الاڻ
ڪندا آهن، تن جو مقصد انهن جانورن ۽ ٻوٽن جي تعداد ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اضافي آڻڻ جو هوندو آهي، جن کي اهي غذا طور استعمال ڪندا آهن. اهي رسمون، ان ڪري اسان جي يورپي ڪلچر جي موسم بهار وارين رسمن سان، نه فقط وقت جي لحاظ کان قريبي مشابهت رکن ٿيون، پر خود مقصد ۽ ڪم به. چو ته ان ۾ اسان ذرو به شڪ نٿا ڪري سگهون ته موسم بهار ۾ پوڻن کي نئين زندگي عطا ڪرڻ لاءِ جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندڙ هيون ۽ شايد ڪيل ويندا هئا، تن جي ادائگي ۾ اسان جي قديم ابن ڏاڏن جو مقصد نوآمد گلن جي خوشبوءِ سنگهڻ يا انهن کي نسيم بهار ۾ جهولندو ڏسڻ خوش ٿيڻ جو ڪوبه هو، پر انهن جي سينڌي اهڙين ڪارروائين جو سبب اهو ئي اعتقاد هو ته انسان جو وجود پوڻ ۽ گلن جي زندگي سان ئي وابسته آهي ۽ جيڪڏهن اهي فنا ٿي ويندا، ته انسان يقيناً باقي ڪونه رهندو. ۽ جيئن ته جادوءَ جي انهن ٽوڻن ٿيڻ کان پوءِ عموماً اڪثر يا سڀ حيوانات ۽ نباتات جي تعداد ۾ گهرڻ اضافو اچي وڃي ٿو، جنهن لاءِ ئي اهي ٽوٽا ٿيڻا استعمال ڪيا ويندا هئا، ان ڪري آسٽريليا جي قبائلين جو پنهنجي جادوءَ جي اثرائتي هڻ ۾ اعتقاد پختو ۽ مضبوط ٿي وڃي ٿو. پراڻي زماني جي يورپي وڇڻين جي به عين اها ئي حالت هئي. ڪڏن ڪوبه نازي ساوڪ جو اهو نظارو، درياهن جي سنوارڻ ڪنارن تي هوا ۾ جهولندڙ بهار جي گلن، جنوبي ملڪن کان موٽندڙ "سئالو" پکين ۽ آسمان ۾ سج جي روزانه بلند چڙهائيءَ جي مختلف نظارن کي هو پنهنجن ٽوڻن ۽ ٿيڻن، ۽ جادوءَ جي جنترن ۽ منترن جي موثر هڻ جا ظاهري ثبوت سمجهي، انهن جي آڇيان ڪندو هوندو. اهي سڀ ڪالهيون هن ۾ انهيءَ خوش فهم يقين کي جنم ڏينديون هونديون ته انهيءَ دنيا ۾، جنهن کي هو پنهنجن خواهشن ۽ ضرورتن مطابق ڦيري گهيري سگهي ٿو، سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. فقط موسم خزان ۾، جيئن جيئن گرم موسم آهستي آهستي ٻئي منڊي ويندي هوندي، تيئن تيئن سڪندڙ ۽ سڙندڙ ساوڪ جي نظاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب وري سندن اعتقادن ڪي نون شڪن، شبهن ۽ انديشن سڀ
جوٽ لڳندي هوندي، جڏهن ڪين هي پتو پوندو هوندو تہ
"سياري" ۽ "موت" ڪي همیشه واسطي نڙي ڪيڏ لاءِ هن
جوڪي ۽ جتن ڪيا هٿا، سي سڀ ڪيتري قدر نہ اجايا ۽
بيسود هٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڻڻيهون

ائڊونس جي ڏند ڪٿا

ڪائنات جي سالياني تبديلين جي نظاري هر دور ۾ انسان جي دل و دماغ تي زبردست اثر ڪيو آهي ۽ هن کي اهڙي عجيب و غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڦيرگهير تي سوچ لاءِ آماده ڪيو آهي. هن جي اها دلچسپي بغير ڪنهن مطلب جي ڪانه هئي، چو ته هڪ وحشيءَ جي دماغ تي به اها حقيقت اثر ڪرڻ کان سواءِ نه ٿي رهي ته اهي ساڳيا اسباب، جي هڪ وهندڙ ڪسيءَ کي جهاڙي ٿا ڇڏين ۽ ڏرتيءَ کي ساوڪ کان محروم ڪن ٿا، سي سندس بقا ۽ وجود کي به خطري ۾ وجهن ٿا. انساني ارتقا جي ڪنهن منزل تي پهچي، مائهو اهو خيال ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته انهيءَ مصيبت کي ٽارڻ جو علاج سندس ئي هٿن ۾ آهي ؟ اهو پنهنجي جادوءَ جي زور سان موسمن جي ڦيري جي رفتار کي تيز يا آهسته ڪري سگهي ٿو. ان ڪري هو مينهن وسائڻ، سڄ اياڻن، جانورن جي تعداد ۽ واڌاري آڻڻ ۽ زمين جي پيداوار ۾ اضافي آڻڻ لاءِ جادوءَ جا منتر اڙهي ٿو ۽ کي سات سوڻ ڪري ٿو. وقت گذرڻ سان، علم ۽ عرفان جي واڌاري سبب، جيئن هن جي اعتقادن ۾ تبديلي ايندي ويئي آهي ۽ گهڻين ڳالهين ۾ سندس يقين آهستي آهستي نڪرندو ويو آهي، تيئن تيئن انسان ذات جي زياده عقلمند طبقي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته شيارين ۽ اونهاريءَ، يا موسم خزان ۽ بهار جون تبديليون سندس جادوءَ جي جنترن جو ئي نتيجو ناهن، ۽ فطرت جي انهن ورندڙ گهرندڙ نظارن جو ڪو زياده عميق سبب آهي ۽ ان لاءِ کي زبردست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طاقتون ذميدار آهن. ان منزل تي پهچي هن هي‌ء تصور ڪرڻ شروع ڪيو آهي ته نباتات جو پيدا ٿيڻ ۽ سڙڻ ، جاندار شين جو جنم ۽ موت ، ديوتائن ۽ ديوين جي وڏندڙ ۽ ڪهندڙ طاقت جو سڏو نتيجو آهي ، آهي ديوين ۽ ديوتائون ، جي انساني طريقي سان جنم ۽ مرن ٿا ، ۽ انهن وانگر ئي شادين ڪن ٿا ۽ پار چڙين ٿا .

اهڙي‌ء طرح موسمن متعلق جيڪو جادو‌ء جو قديم نظريو قائم ٿيل هو ، تنهنجي پڄاڻ هينئر مذهبي نظريو قائم ٿيڻ لڳو ، يا ڪٿي ڪٿي ته مذهبي نظريي جادوي نظريي کي ڍڪي ، سندس جاءِ اچي والاري . پر ته هينئر ، جيتوڻيڪ ماڻهن تبديلين جي ساليائي چڪر جو سبب پنهنجن ديوين ۽ ديوتائن جي تبديلين سان واسته ڪرڻ شروع ڪيو ، پر ان جي باوجود ، هو ائين سمجهندا رهيا ته آهي جادو‌ء جي ٻوڙن ڦيڙن سان پنهنجي ديوتا کي ، جو زندگي‌ء جو مکيه مرڪز هو ، سندس مخالف قوت جي خلاف ، جا موت جي مکيه مرڪز هئي ، مقابلي ڪرڻ ۽ مدد ڏيڻي سگهندا . آهي هي‌ء تصور ڪرڻ لڳا ته هو ديوتا جي ڪهنجندڙ طاقت ۽ اضافو ته آڻي سگهندا ، ۽ ڪيس موت کان ۽ محفوظ رکي سگهندا . انهي‌ء مقصد لاءِ هو جيڪي ۽ رسمون ادا ڪندا هٿا سي ، درحقيقت ، قدرتي نظام جي آنهن ٻوٽن ۽ اسپاڻ جو محض هڪ ڊراماٽي اظهار هوندڙون هيون ، جن جي ڪارڪردگي‌ء ۽ آساني پيدا ڪرڻ سندن مقصد هوندو هو . پوءِ جادو‌ء جو هي‌ء هڪ مکيه اصول آهي ته ڪنهن ۽ نتيجي يا اثر کي پيدا ڪرڻ لاءِ ان جو نقل ڪرڻ ئي ڪافي آهي ۽ جيڪڏهن ته هاڻي نباتات جي آسرجن ۽ سڙڻ ، ٽهين طرح جنم ۽ ٿڻ ، ۽ وري فنا ٿيڻ کي ديوتائن جي شادي‌ء ، موت ۽ دوباره جنم ۽ ٿڻ سان واسته سمجهڻ لڳا ، ان ڪري سندن مذهبي يا جادوي ناٽڪ هينئر انهي‌ء نوعيت جي خيالن ۽ نظرين جي اظهار ڪرڻ لاءِ ادا ڪيا ويا ، جن ۾ زندگي بخشيندڙ طاقتن جي قلدار ميلاپ ، ديوتائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڙي ۽ مان گهٽ ۽ گهٽ هڪ شريڪ جي افسوسناڪ موت، ۽ سندس دوباره زلده ٿيڻ جا نظارا ڏيکاريا ويندا هئا. چنانچه هڪ مذهبي نظريي کي جادوءَ جي هڪ رسم سان ڳنڍيو ويو. اهو اشتراڪ تاريخ الدر مشهور و معروف آهي. درحقيقت کي ٻوڙا ٿي مذهب پاڻ کي جادوءَ جي انڌ ڪان بچائي سگهيا آهن. ٻن مختلف ۽ متضاد اصولن جي غيرفطري ۽ ان ڪهڪندڙ اشتراڪ هڪ فلسوف جي روح کي گهڙي ۽ ڪٽي اذيت رسائي هجي، ۽ هڪ رواجي ماڻهوءَ کي ان گهڙو ڪري ڪا تڪليف ڪانه پهچائي. درحقيقت هن جو ته انهيءَ طرف کو ڏيان ۽ نه ٿو وڃي. هن جو مطلب آهي عمل ڪرڻ سان ۽ نه ان جي مقصد سان. انسان ذات جيڪڏهن همويشه کان عقلمند ۽ منطقي هجي ها، ته تاريخ غلطين ۽ ڏوهن جو هڪ طويل داستان ئي نه هجي ها.

موسمن جي تبديليءَ سبب، پوريءَ پنيءَ آب و هوا واري پٽي ۽ جيڪي تبديليون آڻين ٿيون، تن سڀني کان زياده نمايان نباتات جي تبديلي آهي. مختلف موسمن جو جانورن تي ۽ جيتوڻيڪ گهڙو اثر ٿئي ٿو، ۽ ان جي باوجود، اهو ايترو قدر ظاهر نه ٿو ٿئي. ان ڪري جادوءَ جا جيڪي تالڪ رچايا وڃن ٿا، تن ۽ لاءِ زمي طور "سياري" کي هڪالي ۽ "بهار" کي واپس آڻڻ لاءِ زياده زور نباتات تي رهي ٿو، جنهن ڪري انهن ۽ جانورن ۾ پڪين جي نسبت، وڌ ۽ ٻوٽا، گل ۽ ٻن زياده اهر ۽ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا. بهرحال، اهڙن رسمن ادا ڪندڙن جي دل ۽ زندگيءَ جا اهي ٻه پهلو هڪ ٻئي کان علحده ڪوٺ هئا. دراصل انهن جو گهڙو ڪري هيءَ اعتقاد هو ته جانورن ۽ ٻوٽن جي دنيائن ۽ ايترو ته گهرو تعلق آهي، جيترو سچ ڇ ڪونهي. ان ڪري ميون، جانورن ۽ ماڻهن جي واڌاري لاءِ هو جنسن جو حقيقي يا ڊرامائي ميلاپ ڪرائيندا هئا، ته جيئن هڪ ئي وقت ساڳئي عمل ذريعي پنهي عالمن جي باشندن جي تعداد ۽ اضافو آڻي. هنن لاءِ زندگيءَ ۽ ان جي واڌاري جو اصول،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيوانن ۾ پوڻن لاءِ يڪسان هو. زنده رهڻ ۽ پنهن جي زندگيءَ جو باعث ٿيڻ، کائڻ ۽ هار ڇڏڻ، اهي ئي انسان ذات جي ماضيءَ جي دور ۾ بنيادي ضرورتون ۽ تمنائون هيون، ۽ تيسين رهنديون اينديون. جيسين هيءَ دنيا قائم آهي. انساني زندگيءَ کي زياده خوبصورت ۽ مالا مال ڪرڻ خاطر منجهس پنهن کالهين جو اضافو ٿيلي آندو وڃي، ۽ جيسين اول انهن ضرورتن جي پورائي جا ذريعا تيسين خود انسانيت جي فنا ٿيڻ جو انديشو آهي. ان ڪري موسمن جي انتظام جي باقاعدگيءَ لاءِ جڏهن جادوءَ جا ٽوٽا ٿيڻا ۽ سڳن ساڻ ڪيا ويندا هئا، تن جو مقصد خوراڪ ۽ اولاد حاصل ڪرڻ جو هوندو هو.

ظاهر طور دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ اهي رسمون اٽري قدر عام طور، يا ايتريءَ سنجيدگيءَ سان ڪونه ادا ڪيون ويون آهن، جيتري قدر انهن علائقن ۾ جيڪي يونوچ سمنڊ جي ايرندي ڪناري تي واقع آهن، مصر ۽ اولهندي ايشيا جي ٻين ملڪن، نباتات جي سالياني 'موت' ۽ 'نئين جنم' جو "اوسورس" "تموز" "ائڊونيس" ۽ "اتيس" جي مختلف نالن سان اظهار ٿيو ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڪي هن هڪ ديوتا جو روپ ڏنو هو، جو هر سال مرندو هو ۽ پوڻ جي دنيا مان واپي موٽندو هو. پرجيڪهن تي نالن ۽ رسمن جي تفصيلات ۾ فرق هوندو هو، ۽ انهن جو مقصد هڪ ئي هوندو هو. متعدد ۽ قسم قسم جي نالن ۽ ڪهاڻيءَ حقيقت واري انهيءَ مشرقي ديوتا جي فرضي "موت" ۽ دوباره جنم جي حالات جي هاڻي جاچ پڙتال ڪرڻي آهي. اچو ته پهرين "تموز" يا "ائڊونس" سان شروع ڪريون. "ائڊونس" جي پوڄا بابل ۾ شام جا ٻيا هنڌ ۽ ڪنڌار هئي جن وٽان يونانين ويسوي ٽن کان ست سو سال اڳ انهيءَ پوڄا جي رسم اختيار ڪئي. انهيءَ ديوتا جو مٿو نالو "تموز" هو. 'ائڊونس' جو اضافو اوائلي سامي ٻولي جي لفظ "ائڊون" مان ڪڍو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي "مالڪ"، اهو هڪ عزت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احترام جو لقب هو، جو ان جي پوجارين کيس ڏنو. پر، يونانين غلط فهميءَ کان لقب واري لفظ کي ان جو اصلي نالو سمجهيو. بابل جي مذهبي ادب ۾ کيس "اشتر" ديويءَ جو نوجوان رفيق، حيات، يا عاشق ڏيکاريو ويو آهي. "اشتر" اها ماتا-ديوي آهي، جا سڀني فطرتي طاقتن پيدا ڪرڻ جو سرچشمو آهي. ڏند ڪٿائن ۾ رسمن ۽ آنهن ٻنهي جي تعلقات جا حوالا، حالانڪ اڌورا سڌورا ۽ تمام ٿورا آهن، پر ان جي باوجود، اڀن معلوم ٿئي ٿو تہ تموز هر سال سري، هن مزيدار دنيا جي تختي تان آداس ۽ ويران زندگيءَ جي علائقن ڏانهن ويندو هو ۽ هر سال سندس محبوبہ، هنجي جستجو ۾ "الهيءَ دنيا ڏانهن ويندي هئي، جتان ڪو واپس ڪونہ آيو آهي ۽ جتي دروازي ۽ ڪڙي مٽان خاڪ پيل آهي". ان جي غير حاضريءَ واري زماني ۾ هن دنيا مان محبت جو جذبو مفقود ٿي ويندو هو، انسان ۽ حيوان ڇڻ بند ڪري ڇڏيندا هوا ۽ هر قسم جي حيات جي فنا ٿيڻ جو خطرو هوندو هو. سڄي حيواني دنيا جي جنسي ڪاروبار سان ديويءَ جو امڙو گهرو تعلق هو، جو ان جي موجودگيءَ کان سواه آنهيءَ جي پورائي کان ٿي سگهندي هئي. جهنمي علائقن جي سخت گير ۽ تند مزاج راڻي، جنهن جو نالو "الاتو" يا "اربش-ڪگال" هو، ڏاڍيءَ بيدليءَ ۽ مجبوريءَ سان اشتر کي آب حيات چڙڪائڻ ۽ پنهنجي محبوب، تموز جي صحبت ۾ عالم بالا ۾ واپس وڃڻ جي اجازت ڏيندي هئي، تہ جيئن انهن ٻنهي جي واپسيءَ سبب سڄي ڪائنات وري هوش ۾ اچي. تموز جي موت تي جيڪو ماتم ڪيو ويندو هو، تنهنجا حوالا بابل جي مذهبي متنن ۾ ڏنل آهن. کيس انهيءَ پوڻ سان مشابهت ڏني ويئي آهي، جي تمام جلد سڙي ويندا آهن. هو

"اهو پوٽو آهي، جنهن کي باغ ۾ بالي ڪونہ ملیو آهي،
جنهن جي چوٽيءَ تي ٻنيءَ ۾ ڪو هور ڪونہ آيو آهي،
اهو بيد (آهي) جو ڪسيءَ جي ڪنڊيءَ تي ملول هو،
اهو بيد، جنهن جون ڀاڙون ٻوٽون ويٺون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ٻوليءِ، جنهن باغ ۽ ٻاڻي ڪوڙ ٻيتو."
معلوم ٿئي ٿو ته سندس موت تي مرد ۽ زالون ٻنسرين جي
سنهي ۽ تيز آواز تي هر سال اونهاري جي وچ ڏاري، انهيءَ مهيني
۽، جو سندس ٽالي تي تموز سڏيو ويندو هو، ماتم ڪندا
هٿا. اهو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اهو شاهو مرده ديوتا جي مجسمي
متان ڪيو ويندو هو، جنهن کي ٻاڪ ٻاڻيءَ سان غسل ڏنو ويندو
هو، عطر لڳايو ويندو هو ۽ سندس جسم کي سرخ رنگ جي
خوبصورت جبي ۽ ڏکيو ويندو هو. هرطرف ڪاڻ تيز ۽ خوشبودار
ڌوپ جو واس هوا ۽ ملي، مئل ديوتا جي ستل حواس کي بيدار
ڪرڻ، ۽ کيس موت جي اگهور نند مان جاڳائڻ جو ڪم ڪندو
هوه هڪ اهڙي مرثيه ۽، جنهن جو عنوان "تموز لاءِ ٻنسرين
جي واويلا" آهي، اسان کي انهن ڳائيندڙن جو آواز ۽ ٻنسرين
جا ماتمي سر اڄا تائين درد پريو گيت جهونگاريندي دور کان
ايندڙ موسيقيءَ واڪر ٻڌڻ ۽ اچن ٿا:

"هن جي غائب ٿيڻ تي، هوءَ وڏي واڪي ٻار ڪڍي ٿي،
'منهنجا ٻڙا!' هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي ٻار ڪڍي ٿي،
'منهنجا دامو!' هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي ٻار ڪڍي ٿي،
'منهنجا دلبر ۽ ٻوجاري'! هن جي غائب ٿيڻ تي هوءَ وڏي
واڪي ٻار ڪڍي ٿي،
چمڪندڙ چندن جي وڻ تي، جو وسيع جاءِ ۽ ٻوکيل آهي،
انهيءَ ٻار واڪر، جيڪو هڪ جاءِ ٻنهنجي مالڪ لاءِ
ڪيلدي آهي، هوءَ ٻار ڪڍي ٿي،
انهيءَ ٻار واڪر، جيڪو شهر ٻنهنجي راجا لاءِ ڪيلدو
آهي، هوءَ ٻار ڪڍي ٿي،
هن جو ٻار انهيءَ ٻوٽي لاءِ ٻار آهي، جيڪا ٻنهنجيءَ
ٻاريءَ ۽ نه ٿي وڏي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو پار الاڄ جي انهيءَ پار واڪر آهي، جو پنهنجي سنگ ۽ نه ٿو لڪري،
هن جو ڪمرو اها ملڪيت آهي، جيڪا اڃي ملڪيت نه ٿي ٻڌا ڪري،
هڪ مالدي عورت، هڪ ماندو پار، ٽڪل،
هن جو پار هڪ وڏيءَ لدي لاءِ آهي، جنهن ٿي ڪو ٻيڙ نه ٿو اپري،
هن جو پار انهيءَ ٻنيءَ لاءِ آهي، جتي الاڄ ۽ پوڻيون نه ٿيون جمن،
هن جو پار انهيءَ چشمي لاءِ آهي، جنهن ۽ مڇيون نه ٿيون اڃن،
هن جو پار ڪالن جي انهيءَ پڙڙي لاءِ آهي، جنهن ۽ ڪالا نه ٿا جمن،
هن جو پار انهن پلن لاءِ آهي، جن ۽ گدامڙيءَ جا ڏڻ نه ٿا جمن،
هن جو پار انهيءَ ويرانيءَ لاءِ آهي، جنهن ۽ سَرو جا ڏڻ (؟) نه ٿا جمن،
هن جو پار وڻ واري باغ جي انهيءَ گهاٽائيءَ لاءِ آهي، جنهن ۽ ماڪي ۽ شراب نه ٿا وڏن،
هن جو پار انهن ٻنين لاءِ آهي، جن ۽ پوٽا نه ٿا جمن،
هن جو پار انهيءَ محلات لاءِ آهي، جنهن ۽ عمر جي درازي نه ٿي ٽٽي،

"اڏيولس" جي الناڪ ڪالهه ۽ ان جي اداس رسمن متعلق ٻاهل جي ادب جي ٽڪرن ٽيرن، يا ازيڪيل نبيءَ جي مختصر حوالا ماڻ، جنهن يروشلم جي عورتن کي 'تموز' لاءِ منڊر جي شمالي دروازي وٽ روئندو رڙندو ڏٺو، آسان کي اهڙي مڪمل معلومات نه ٿي ملي سگهي، جيتري يوناني مصنفن جي بيانن ماڻ حاصل ٿئي ٿي، يوناني ڏاڍ ڏنڌائن جي شيشي جي چوڪٽ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙهجي، هيءَ مشرقي ديوتا اسان کي خوبصورت نوجوان نظر آچي ٿو، جنهن تي 'افروڊائيٽ' ديوي عاشق آهي. من جي نديءَ ۾ الهيءَ ديويءَ کيس هڪ صندوق ۾ بند ڪري، زير زمين دنيا جي راڻيءَ، 'پرسيفون' جي سپرد ڪيو. پر جڏهن 'پرسيفون' صندوق کولي ۽ ٻار جو حسن ڏٺو، تڏهن هن کيس 'افروڊائيٽ' کي واپس ڏيڻ کان انڪار ڪيو، حالانڪ عشق جي ديويءَ کي پنهنجي ٻاري کي ٻئي جي طاقت کان ڇڏائڻ لاءِ ذات خود دوزخ ۾ وڃڻو پيو. عشق ۽ موت جي ٻن ديوين جو جهگڙو 'زيوس' ديوتا ڏانهن، جنهن حڪم ڪيو تہ 'اڊونس' کي سال جي هڪ حصي ۾ زير زمين دنيا ۾ 'پرسيفون' ديويءَ سان گڏ رهڻ گهرجي ۽ سال جو باقي حصو کيس 'افروڊائيٽ' ديويءَ سان عالم بالا ۾ گذارڻ گهرجي. آخرڪار، اهو خوبصورت نوجوان شڪار ڪندي، جهنگلي سوئر، يا پنهنجي حاسد، 'آرس' جي هٿان، جنهن پنهنجي رقيب کان انتقام وٺڻ لاءِ ٻاڻ کي جهنگلي سوئر جي شڪل ۾ تبديل ڪيو، مارجي ويو. 'افروڊائيٽ' پنهنجي پياري 'اڊونس' کان جدا ٿي، سندس موت تي سخت ماتم ڪيو. ڏند ڪٿا جي الهيءَ صورت ۾، اڊونس جي مالڪيءَ لاءِ 'افروڊائيٽ' ۽ 'پرسيفون' ديوين جي درميان مقابلو، موٽن جي دنيا ۾ 'اشتر' ۽ 'الالو' جي مقابلي جو صاف عڪس آهي. هوڏانهن وري 'زيوس' ديوتا جو اهو فيصلو تہ 'اڊونس' کي سال جو هڪ حصو زمين تي، ۽ ٻيو حصو زمين هيٺان گذارڻ گهرجي، 'تموز' ديوتا جي سالياني غائب ٿيڻ ۽ وري ظاهر ٿيڻ جو روايتي ترجمو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏيهون

شام ۽ ائڊونس

مغربي ايشيا جي ٻن شهرن ۽ "ائڊونس" جي ڏندڪٿا کي مقامي افسانن ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ انهن هنڌن تي ان جون رسمون ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ادا ڪيون ويندڙيون هيون. انهن مان هڪ شهر، شام جي ساحل تي واقع، "بائبلس" ۽ ٻيو، قبرص جو هڪ شهر، "پافوس" هو. اهي ٻئي شهر 'افروڊائيٽ' ديويءَ جي پوڄا جا مرڪز هئا. اولهه ايشيا ۽ الهيءَ ديويءَ کي 'اسٽارٽ' سڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڏندڪٿائن تي يقين ڪجي تہ پوءِ ائڊونس جو ابو، 'سائيراس'، ٻنهي شهرن جو بادشاهه هو. انهن ٻنهي مان بائبلس زياده قديم شهر هو. دراصل، فوئينيشيا ۽ اهو شهر سڀني کان وڌيڪ قديم سمجهيو ويندو هو ۽ ان جو بنياد اوائلي زمانن ۾ عظيم ديوتا، "ايل" وڌو هو، جنهن کي يوناني 'ڪرونس' ۽ رومي 'سٽرن' جي نالي سان شناخت ڪندا آهن. اهو ڪٿي ڪٿائن ۽ هجي، پر تاريخي دؤرن ۾ ان کي هڪ مقدس شهر سمجهيو ويندو هو، جو فوئينيشيا وارن جو 'مڪو' يا 'يروشلم' هو. اهو شهر سمنڊ جي ساحل تي هڪ بلنديءَ تي اڏيل هو ۽ منجهنس 'اسٽارٽ' ديويءَ جو هڪ عاليشان مندر هو، جنهن ۾ هڪ وسيع ميدان جي عين وچ ۾، جنهن جي چوڌاري زير زمين هوا نهيل هئا، هڪ وڏو ٽڪنڊو منارو اڏيل هو، جنهن کي مانهو ديويءَ جو مقدس مجسمو سمجهندا هئا. الهيءَ آستالي ۽ 'ائڊونس' جا ساٿ ۽ سڱ ڪيا ويندا هئا. درحقيقت، سڄو شهر ديويءَ جي ڪري مقدس سمجهيو ويندو هو ۽ بائبلس شهر جي ڏکڻ ۽ ونڊڙ ندي، لهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابراهيم، جا سمنڊ ۾ وڃي ڇڙي ٿي، سا قديم زماني ۾ انڊونس جي نالي سان سڏي ويندي هئي. اهو زمانو سائيڪراس بادشاه جو هيو، قديم زماني کان ولي هوين دوران تائين انهيءَ شهر تي بادشاهن جي حڪومت رهندي آئي آهي، جنهن ۾ ڪين وزيرن يا صلاحڪارن جي ڪائونسل يا سينيٽ شايد مدد ڪندي هئي.

بائبلس شهر جي هوڻين حاڪم جو نالو ۽ سائيڪراس هو، جنهن کي هاسي اعظم سندس ظالمانه ڪارروائين ڪري قتل ڪيو هو. انهيءَ بادشاه جي قديم نالي-پائي، سائيڪراس، لبنان جبل مٿان ڪنهن جاءِ تي اُنفروڊائيٽ، يعني انسٽارٽ ديويءَ جي نالي هڪ مندر ٺهرايو هو، جو سندس دارالخلافه کان هڪ ڏينهن جي ونڊ تي هو. اندازو آهي ته اها جاءِ انڊوس ندي جي منهن وٽ، بائبلس ۽ ايلبيڪ جي وچ تي، انفاڪ وٽ هئي، جو ته انفاڪ وٽ انسٽارٽ ديويءَ جي هڪ مڙهي ٺهيل هئي، جنهن کي بعد ۾ 'قسطنطين' اچي ڌهرايو. چاڪاڻ ته ان ۾ جيڪا پوڄا ٿيندي هئي، سا سخت وحشيانه، ظالمانه ۽ بيهوده هوندي هئي. انهيءَ مندر واري جاءِ، موجوده زمانو جي سياحن انهيءَ ڏڻڪ ڪوٽ جي نزديڪ ڪولي لڌي آهي، جو اڄا تائين 'افڪا' جي نالي سان سڏجي رهيو آهي ۽ خطرناڪ ۽ ويران انڊونس ندي جي منهن وٽ واقع آهي. اهو نندڙو ڪوٽ، ڪري جي ڪپ تي اخروٽ جي شاندار وڻن جي جهڳٽن جي وچ ۾ ٻنل آهي، جتان ٽورو ٽي ريزو، بلند ۽ ٽوڪدار پهاڙن جي گول چڪر جي دامن ۾ واقع، هڪ مهيب غار مان اهو درياه بي انتها قوت سان نڪري، خطرناڪ پهاڙي اونهاين ۾ متعدد آبشارن جي صورت ۾ وڃي ڪري ٿو. درياه جو پاڻي، جيڏن جيڏن ميلاهين طرف وڌندو وڃي ٿو، تيئن تيئن ان کان ساوڪ زياده گهاڻي ٿيندي وڃي ٿي ۽ انهيءَ خطرناڪ ۽ اولهيءَ ڪڍ مٿان سبز پوش چاڙهي، ان کي هڪ عجيب ۽ غريب صورت بخشي ٿو. آبشارن جي هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرندڙ ٻاڦ جي تازگي، جابلو هوا جي خوشبوءِ، آسمان جي صفائي، ۽ ساوڪ جي چمڪ ۽ سائي رنگ ۽ هڪ لذيذ، ۽ ذري ڳهٽ نشيدار خصلت آهي. آهو مندر، جنهن جا ٽڪيل ۽ چوڪنڊا ودا پٿر ۽ سخت ڪاري پٿر جو هڪ منهو ۽ ڏکهو ٽڪ اڇا تائين انهي جاه تي ٻيا آهن، سو درياه جي منهن جي عين سامهون، هڪ بلند ٻهاڙي جي چوٽي تي هڪ هموار ميدان ۽ ٻيلي هو، جتان اڄ ۽ هڪ دلڪش قدرتي نظارو ڏسڻ ۽ اچي ٿو. اڄ ۽ آئي آشارن جي گجگوڙ، ۽ ٻاڦ جي گجي مٿان آهائي مهيب غار ۽ ان جي ڀرپاسان جبلن جون سنهيون ۽ بلند چوٽيون موجود نظر اچن ٿيون. ٻهاڙي جي چوٽي ايتري قدر بلند آهي، جو ان جي پاسن کان جيڪي ٻڪريون ٻهاڙي هوڻ ڪاڻ لاءِ رڙهنديون ۽ مٿي چڙهنديون ويندڙون آهن، سي سوين فوٽ هيٺان ننڍڙين ماکوڙين مثل نظر ايندڙون آهن. ساموندي طرف وارو نظارو خاص طور حيرت انگيز ۽ ناقابل فراموش آهي. جڏهن سج ٻنهنجي زرين شعاعن سان، عميق ۽ جابلو درياه کي روشن ڪري، ان جي عجيب و غريب پٽڙيلن گول منارن ۽ جابلو ٽڪرين کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ان جي تري وارن وڻن ۽ ساوڪ کي ٻنهنجن نرم ۽ روشن ڪرڻن سان چمي، تيز ۽ سياه سبز رنگت بخشي ٿو، تڏهن جبلن جي خاڪي ۽ نامي رنگ ۽ ساوڪ جي تيز سائي رنگ جي آميزش سان هڪ محيرالعقول نظارو قدرت جي صناعي جو بي نظير نمونو پيش ڪري ٿو. اها ئي جاءِ آهي، جتي ڊلڪڻائن مطابق، 'ائيونس' جي 'ائفروڊائيٽ' سان پهرين ۽ آخرين ملاقات ٿي هئي ۽ اتي ئي ان جي چڪريل لاش کي دفن ڪيو ويو هو محبت جي دردناڪ داستان ۽ موت لاءِ ان جاءِ کان زياده موزوں ۽ خوبصورت مقام ٻيو ڪو ٿي مشڪل ملي ها. جيتوڻيڪ اها وادي ٻي آبادي کان دور ۽ علحده ٻيلي آهي، ۽ هميشه کان وٿي اڻين ٿي ٻيلي هوندي، ان جي باوجود، اها بلڪل ويران ۽ غير آباد ڪانهي. الاهه ۽ ٻي پاسان آسمان جي هن منظر ۾، درياه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گجگوڙ ۽ گهمسان کان دور، ڪٿي ڪٿي ڪنهن ٻاڙي جاءِ يا ڪنهن انتهائي بلند ۽ هموار جاءِ تي ڇوٽيءَ سان ڇوٽيل، ڪوءِ ڪو واهر يا ڪاڙ ڪا مڙهي اڄ ۽ نظر اچي ٿي. شام جي اونداهيءَ ۾، جڏهن الهيءَ ويرانيءَ سان نديون نديون ٽڪريون ٽيڪريون ڇڪنديون نظر ايندڙون آهن، تڏهن اهڙن آداس ۽ تقريباً غيرآباد جبلن جي لاهين تي، جتي ماڻهوءَ جو ٻوچن ئي مشڪل معلوم ٿئي ٿو، انساني موجودگيءَ جا آثار صاف نظر ايندا آهن. قديم زماني ۾ سڄي خوبصورت وادي انڊوس جي ڪالي ۽ ارين ٽيل معلوم ٿئي ٿي ۽ اڄ ۽ اها سنڌس يادگيريءَ کان خالي ڪانهي، چو ته انهيءَ ماڙيءَ جي چوگرد ٻنڌل ٽڪرين جي بلند چوٽين تي، جن سان ڪي ايتري قدر ته اوچيون آهن، جو انهن تان هيٺ لهاريندي، دماغ چڪرائجي ٿو ۽ جن جي هيٺاهين گهرائين ۾ عقاب ٻهنجن آکيرن جي چوڌاري لاماڙا ڏيندا رهن ٿا، اڄ ۽ انڊوس جي ٻوڙا جا نشان ٻڌن ۾ ڪيل ۽ مٽن ڇڻيل صاف نظر اچن ٿا. اهڙن يادگارن سان هڪ، غنيءَ ۾ موجود آهي. هڪ ٻڌيلي ۽ ناهموار ڪڍ مٽان، ٻئي جي هڪ وڏيءَ ڇپ تي، انڊوس ۽ انفرد ايٽ جا مجسما تراشيل آهن. انڊوس جي هٿ ۾ ٻالو ڏنل آهي ۽ هو آرام سان سامهون حملي ڪندڙ هڪ رڇ جو انتظار ڪري رهيو آهي ۽ انفروڊائيٽ افسرده حالت ۾ سنڌس پرسان ويٺي آهي. ٻي سکهي ٿو ته اها غمزده ۽ افسرده ديوي، لبنان واري ماتم ڪندڙ انفروڊائيٽ هجي، ۽ سنڌس ٻاسي ۽ ڪوٽيل ڪڍ، سنڌس ٽبر، سنڌس ٻوچارين جي اعتقاد مطابق، "انڊونس" هر سال جبلن تي زخمي ٿي مرندو آهي ۽ هر سال، خود فطرت جي شڪل ۽ صورت، سنڌس مقدس رت سان رنگجي ويندي آهي، ان ڪري سال بسال شامي دوشيزائون، هن جي بي وقتي موت تي ماتم ڪنديون هيون، هوڏانهن انڊونس جو گل، سرخ لال، لبنان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بلند قامت وڻ جي درميان ڏڻندڙ هو، ۽ جڏهن به هوا جو رخ ڪناري طرف ٿيندو هو، تڏهن درياه جو سرخ ماڻي پوڻوچ سمنڊ جي ور وڪڙ ڪائيندڙ ساحل تي ڳاڙهي رنگ جا ٻڌا چڏي ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪڏيهون

قبرص ۽ ائڊونس

قبرص جو ٻيٽ شام جي ساحل ڪان هڪ ڏينهن جي ساموندي سفر تي واقع آهي. درحقيقت، اونهاري جي شام جو ان جا پهاڙ لاهو سج جي سرخ ٻاه ۾ سياه ۽ هيٺاهين سطح تي جهڪيل نظر ايندا آهن. ٽامي جي پيداوار ڪارڻ، ۽ ٻيل ۽ چندن جي وڻن هڻڻ سبب، تجارتي ۽ جهاز ران اومن، جهڙوڪ فونيشيا وارن کي هن جزيري ڏانهن ڪشش ٿي، هوڏانهن وري ان جي اناج، شراب ۽ تيل جي فراواني هن ٻيٽ کي سندن وطن جي جاڀلو ساحل جي غير آباد نوعيت جي مقابلي ۾، جو چٿي طرفن ڪان جبلن ۽ سمنڊ سان گهيريل هو، هڪ جنت ٻڌائي ڇڏيو. ان ڪري، اهي تمام قديم زماني ۾ قبرص ۾ سڪونت اختيار ڪري وهي رهيا ۽ تيسين رهيا ٻيا هٿ، جيسين ان ٻيٽ جي ساحل تي يونانين کي ايندو ڇمائي نه ڪافي گهٽو عرصو گذري ويو، جو تہ اسان کي پڌر تي اڪريل تحريرن ۽ سڪن مان معلوم ٿيو آهي تہ "سئيم" ۾، فونيشا وارا بادشاه سڪندر اعظم واري زماني تائين حڪومت ڪندا هٿا. لازمي آهي تہ اها بيڪ شاهي قوم پنهنجي وطن جي ديوتائن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي آئي هوندي. اهي ماٿهو لبنان واري "بعال" جي پوڄا ڪندا هٿا جو، امڪان آهي تہ خود ائڊونس هجي، ۽ ٻي سڀني ڪان تہ جنوبي ساحل تي ايماٿس وٽ، هنن ائڊونس ۽ ائفروڊائيٽ، يا ائسٽارٽ جي پوڄا شروع ڪئي هجي. بائبلس واڪنر هتي نه جيڪي سڀن ساڻ ڪا ويندا هٿا، سي مصر واري اوسيريس سان اهڙا تہ ملندا هٿا، جو ڪي ايماٿس واري ائڊونس کي اوسيرس ئي سمجهندا هٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ار، ائڊونس ۽ ائفروڊائيٽ جي ٻوڙا جو عظيم مرڪز قبرص ٻيٽ جي جنوب - ڏکڻ واري ساحل تي پافوس نالي هڪ شهر هو. انهن ٻنهين ٻنڊين حڪومتن مان، جن ۾ قبرص جو ٻيٽ اسان جي سن جي چوڏهين صدي ڪرسٽ قائين تقسيم ٿيل هو، تن مان پافوس ان وقت جي بهترين حڪومتن منجهان هڪ هئي. اهو علائقو ٻهاڙين ۽ ڏاهموار ميدانن سان ڀريل آهي، جنهن ۾ ڪٿي ٻنيون، ۽ ڪٿي انگور جون وليون آهن، ۽ اهو درياهن جي اڙي چار سان ڀريل آهي، جو ان جي اندروني حصن جو سفر ٽڪائيندڙ ۽ محال آهي. اولائمپس جبل جي شاخ (جديد ٽروڊوس) جنهن جون اوچيون چوٽيون سال جي زياده تر حصي ۾ برف سان ڍڪيل رهنديون آهن، پافوس جي شهر کي شمالي ۽ مشرقي هوائن کان بچائي، ۽ ٻيٽ جي سڄي علائقي کان جدا ڪري ٻئي آهي. انهيءَ شاخ جي لاهين تي قبرص جا چوڏَ جا آخرين وڻ ٻڌل آهن، جن جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي مڙهيون آهن، جيڪي نظاري جي لحاظ کان انتهائڻين جبلن جي نظاري کان گهٽ ڪينهن. پافوس جو قديم شهر سمنڊ کان هڪ ميل دور ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٻڌل هو، ٿون شهر بندرگاه وٽ پراڻي شهر کان اٽڪل ڏهه ميل ٻري نروار تي هو. قديم پافوس (جديد ڪوڪليا) ۾ ائفروڊائيٽ جي مڙهي قديم دنيا جي تمام مشهور زيارتن مان هڪ هئي. هوروڊوٽس جي چوڻ مطابق، انهيءَ زيارت جو بنياد اسڪالن علائقي ۾ رهندڙ فونيشين نسل جي لوڪن وڏو هو. ۽ ممڪن آهي ته فونيشيا وارن جي اچ کان ۾ اڳي، انهيءَ هند آبادي جي ڪنهن مقامي ديويءَ جي ٻوڙا ٿيندي هجي، جنهن کي اتان جي ماڻهن پنهنجي "بعلت" يا "اسٽارت" ديويءَ سان اهڙو ئي مشابهه ڏنو هجي، جو ڪجهه زماني کان پوءِ انهن ٻنهي کي هڪ ئي سمجهيو هجي. چنانچه، ڪڏهن ٻن ديوتائن کي هڪ سمجهي ملايو ويو هجي، ته اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اهي ٻئي ماڻهو، سيزي ۽ آبادي جي انهيءَ عظيم ديويءَ جون ٻه صورتون هيون، جنهن جي سڄي اولهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشيا ۽ تمام قديم وقت کان وٺي هوڏا پکڙيل ٿي ڏسجي. الهيءَ قياس کي سنڌس مجسمي جي التهائي قديم شڪل ۽ ان جي رسمن جي بداخلاقيءَ مان تقويت ملي رهي آهي، چو ته اهڙي صورت ۾ اهڙيون رسمون قديم زماني جي بين ايشيائي ديوين جون ۽ هيون. ان جي صورت اڇي رنگ جي هڪ ڪنڊي ٽڪر وانگر مخروطي هئي. بلڪل ساڳيءَ طرح "بائبلس" ۽ "اسٽارٽ" جو نشان ۽ مخروطي هو، هوڏانهن وري بمفايا ۽ برگا وٽ، اتان جي مقامي ديويءَ جو نشان ۽، جنهن کي يونائي آرٽيمس سڏيندا هئا، ساڳيو ئي هو، ته شام واري سورج ديوتا، هيليوگابالس، جنهن جو مرڪز ايميسا ۽ هو، تنهنجي صورت ۽ ساڳي هئي. مخروطي شڪل جا پٿر، جي شايد بتن وانگر پوڄيا ويندا هئا، قبرص ۽ گولگي وٽ، ۽ مالٽا جي فوئينيشين مندرن مان لڌا ويا آهن، سڀنا جي خطرناڪ جابلو چوٽين مان ۽ ريتلي پٿر جا اهڙا ٽڪنڊا پٿر، "مسٽريس آف ٽورڪاٽز" جي مندر مان لڌا ويا آهن.

معلوم ٿي رهيو آهي ته قبرص ۽ شاديءَ کان اڳ سڀني عورتن کي، رسم مطابق، ديويءَ جي مندر ۽، خواه اها افروڊائيٽ جي ٿالي مان سڏبي هئي، يا اسٽارٽ جي، يا ٻي ڪنهن ٿالي مان، ان واقف ۽ ان ڏانهن مردن سان زنا ڪرڻو پوندو هو. اولهه ايشيا جي ڪيترن علاقن ۽ ۽ اهڙي رسم مروج هئي. الهيءَ رسم جو مقصد ڪٿي ڪهڙو ۽ هجي، ۽ هڪ ڳالهه صاف ظاهر آهي ته اهو حڪم شهوت پرستيءَ لاءِ نه، ۽ هڪ سنجيده مذهبي رسم طور اولهه ايشيا جي سڀني ديوين جي وڏيءَ ماءُ جي ٿالي ۽ ڪيو ويندو هو، جنهن جو ٿالوڪٿي مختلف علاقن ۽ مختلف هو، ۽ نموٽو هرهنڌ ساڳيو هو. اهڙيءَ طرح بابل ۽ هر عورت، غريب خواه امير، کي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو 'مائلٽا' جي مندر ۽، يعني اشتر، يا اسٽارٽ ديويءَ جي آستاني تي، غير واقف مرد سان ضرور همبستر ٿيڻو پوندو هو ۽ مذهبي اجازت واري الهيءَ زنا مان جيڪو ڪجهه انعام حاصل ٿيندو هو، سو ڪنهن مندر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدمت ۾ ڏيڻو پوندو هو. مندر جو پاڻ ماڻهو عورتن سان پيرو رهندو هو. جي الهيءَ رسم جي ادائگيءَ جي انتظار ۾ رهندڙن هيون، ڪن کي ته سالن جا سال ترسڻو پوندو هو. ڏهن وڃي سندن ڪم ٿيندو هو. شام ۾ هيليو پولس، يا بعليڪ وٽ، جو پنهنجن قتل ۽ ڏنل مندرن جي پرشڪوه ۽ شاندار اظاري ڪان مشهور آهي، ساڳي رسم جي تقاضا هئي ته هرڪنواري چوڪري ائسڊ وٽ ديويءَ جي مندر ۾ غير ماڻهوءَ کي پنهنجي عصمت ڏئي ۽ ڪنوارپون توڙي شادي شده عورتون ديويءَ سان محبت هڻڻ جو اظهار الهيءَ طريقي سان ڪنديون هيون. شهنشاه قسطنطين الهيءَ رسم تي بندش وڌي ۽ مندر ڍهرائي ان جي جاءَ تي هڪ ديول تعمير ڪرائي. ڪرسچينيشين مندرن ۾ عورتون مذهب جي خدمت لاءِ پنهنجي عصمت غير ماڻهن کي ڏسن تي فروخت ڪنديون هيوَن ۽ سندن اعتقاد هو ته الهيءَ ڏاڍي سان اهي ديويءَ جي رضامندي حاصل ڪنديون. "ائموري قوم وارن جو قانون هو ته جنهن چوڪريءَ جي شادي ٿيڻ واري هوندي هئي، تنهن کي ستن ڏينهن تائين مندر جي دروازي تي، ڪنوارن چوڪرن سان زنا ڪرڻ لاءِ وهڻو پوندو هو". بائبلس جا ماڻهو هر سال ائڊونس جي ماتم ۾ متو ڪوڙائيندا هئا. جيڪي عورتون پنهنجن وارن جي قرباني ڏيڻ کان انڪار ڪنديون هيون، تن کي ميلي واري ڪنهن ڏينهن تي، ڪنهن اجنبيءَ سان هم صحبت ٿيڻو پوندو هو ۽ ان ماڻ آهي جيڪي پئسا ڪمائيندڙن هيون سي ڪين ديويءَ جي مندر جي خدمت لاءِ پيش ڪرڻا پوندا هئا. لڊيا ۾ "ٽرالس" وٽ هڪ پولالي ڪتب جي تحرير مان معلوم ٿيو آهي ته غيرن سان جنسي تعلق جي مذهبي اجازت جو رواج اسان جي زمالي جي ٻيءَ صدي ڪرسچين تائين قائم هو. ان ۾ لکيل آهي ته "آريليا ائميليا" نالي هڪ عورت، ديوتا جي صريح حڪم موجب پاڻ کي هن جي خدمت ۾ سينڊيءَ طور پيش ڪندي هئي ۽ ان کان اڳ سندس ماءُ ۽ ان جون وڏيون سڀ اها خدمت انجام ڏيئي چڪيون هيون. الهيءَ ڪالهه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکارڊ ۾ان جو سنگ مرمر جي هڪ ٿنڀ تي اکريل آهي، جنهن تي هڪ ٻاسبل قرباني لڪيل آهي، معلوم ٿئي ٿو ته اهڙي زندگيءَ يا اهڙي جنم کي ڪو معيوب ڪوڙ سمجهندو هو. آرمينيا ۽ اسيلسينا وٽ جيڪو ڪائيتيس ديويءَ جو مندر هو، تنهن ۾ وڏن گهراڻن جي چوڪرين کي ديويءَ جي خدمت لاءِ اڻ ڪيو ويندو هو. ڪنوارين چوڪرين کي شاديءَ ڪرڻ کان اڳ ڪيتري زماني تائين زنا ڪرڻو پوندو هو. اهڙي خدمتگذاريءَ جي مدي گذرڻ کان پوءِ، ڪو اهڙيءَ چوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۾ عيب ڪوڙ سمجهندو هو. هوڏانهن وري، پولس ۽، ڪوماتا وٽ، ماتا ديويءَ جي خدمت ۾ اهڙي قسم جون سوين مذهبي وٺشائون موجود رهنديون هيون، ۽ مردن ۽ عورتن جا الپوه، پروارن شهرن ۽ آسپاس وارن ملڪن مان، ديويءَ جي سالياني ميلن تي، ٻنهنجن وعدن کي پوري ڪرڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

الهيءَ موضوع تي جيڪي ٻ ٽاڻيون ملون آهن، جن مان اڄ گهڻيون پڙهندڙن اڳيان اڳتي هلي بيش ڪيون ويندیون، تن کي مد نظر رکي، اسان الهيءَ فيصلي تي پهچي سگهون ٿا، ته اولهه ايشيا جون متعدد قومون، الهيءَ عظيم ديوي ماتا جي، جا قدرت جي زندگي بخشيندڙ ۽ جنم ڏيندڙ سڀني ٻوٽن جي نمائنده شخصيت هئي، مختلف نالن، ۽ ساڳين روايتن ۽ رسمن سان، پوڄا ڪندیون هيون، ته هن سان هڪ عاشق، يا عاشقن جو هڪ سلسلو وابسته هو، جو ديوتا هئڻ جي باوجود فاني هو، جنهن سان هوءَ سال بسال جنسي ميلاپ ڪندي هئي ۽ جنهن جو اهو ميلاپ انسانن ۽ حيوانن، ۽ ان ۽ ٻوٽن جي نسلي واڌاري لاءِ تمام ضروري هو، ته ديوتائن جي جوڙي جي الهيءَ تصوراتي ميلاپ کي دنيا ۾ زياده قوتمند ۽ طاقتور بنائڻ ۽ ان جي نقل ڪرڻ لاءِ ديويءَ جي مندر ۾، انساني جوڙن جو سچو ڀچو، ۽ عارضي جنسي ميلاپ ڪيو ويندو هو، ته جيئن الهيءَ ميلاپ جي تحت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏرڻيءَ جي ٻيڙو ور ٿين، ۽ ساڻهوءَ توڙي جانور جي واڌاري جي خاطري ڏئي.

هاڻوس ۽، جيو وجي ڏو ته الهيءَ مذهبي زنا ڪاريءَ جو رواج سائيڪراس بادشاه وڏو، سندس ڏيئون، ائڊونس جون ٻيڙون، الهيءَ رواج جي ٻوٽواري ڪندڙون هيون، ائڊونس جون اهي ٻيڙون، جن تي ايفروڊائيٽ جو غضب نازل ٿيو هو، غير ساڻهن سان جنسي ميلاپ ڪرڻ ۽ مبتلا هوندڙون هيون ۽ انهن ٻنهنجا آخرين ڏينهن مصر ۽ گذاري پورا ڪيا. هن روايت ۽ ايفروڊائيٽ جي غضب نازل ٿيڻ جي ڪالهه شايد ڪنهن پوئين اختياريءَ واري طرفان ڪنڊي ويئي آهي جنهن کي، جيڪا ۽ رسم سندس شخصي اخلاقي معيار کان ڪريل نظر آئي آهي، تنهن کي ڏنو ديويءَ جي طرفان ٻنهنجن پوجارين کان گهربل قربانيءَ جي بجاءِ، ان جي سزا ۽ ائين سان تعبير ڪيو آهي. بهرحال، ان ڪالهه سان ٻتو ٻوي ٿو ته هاڻوس جي شهزادين، امبرزادين ۽ غريب چوڪرين کي، هڪ ئي طريقي سان اها رسم ادا ڪرائي پوندي هئي.

سائيپراس بادشاه جي باري ۽، جو هاڻوس جي پوجاري بادشاهن جو وڏو، ۽ ائڊونس جو ابيءَ هو، جيڪي ڪالهيون ڪيون وڃن ٿيون، تن سان کي اسان جي توجه جي قابل آهن. ٻيڙائين ته هن لاءِ جيو ويو آهي ته هن ٻنهنجي ڏيءَ "ماٿراه" سان ناجائز جنسي ميلاپ ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۽ ائڊونس جنم ورتو هو، اها ڪارروائي الاڄ جي ديويءَ جي ميلي وقت ڪئي هئائين، جڏهن عورتون اڇي رنگ جا جٻا پهري، فصل جا ٻيڙيان وڍيل سنگ هار والگر پوئي، ديويءَ جي خدمت ۽ پيش ڪنديون هيون ۽ نون ڏينهن تائين جنسي تعلق ۽ بيءَ هر ڪالهه کان پرهيز ڪنديون هيون. ڏيڻ سان اهڙي ناجائز جنسي تعلق رکندڙ قديم بادشاهن جا ايڪ مثال ملن ٿا. ائين ٿو ٿي سگهي ته اهي ڪالهيون کي ان بنياد آهن، يا ڪنهن موقعي تي شهوت جي غير فطري غلبي جو نتيجو آهن. جن ملڪن ۽ شاهي رت عورتن جي ورڻي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي هئي، ۽ بادشاه تخت و تاج جو مالڪ فقط ان ڪري ٿيندو هو، جو هو ڪنهن تخت جي وارثيائي شهزادي ساڻ شادي ڪندو هو، جا خقيقي حاڪم هوندي هئي. اڄي گهڻ ڪري ائين ٿيندو هو ته شهزادو پنهنجي پيڻ سان جا تخت جي وارثياڻي هوندي هئي، ان ڪري شادي ڪندا هو ته سندس تخت و تاج، جو هوڻڻ ئي ڪنهن ڪي ملي ها، جو شايد اجنبي ۽ شاهي خاندان سان واسته ۽ رشتي ۾ هجي ها، ان جي بالڪل سان گڏ ڪيس ملي ۽ اهڙي طرح اهو خاندان جي اندر رهي، جا ورثي جي ساڻيقسم جي قانونن ڏي سان اهڙن ناجائز تعلقات رکڻ لاءِ مالڪن کي مجبور نه ڪيو هوندو؟ چو ته انهي قانون جي نتيجي طور هي ڪالهه واضح ٿي رهي آهي، ته بادشاه کي سندس زال جي موت تي، جا تخت و تاج جي حقيقي وارثياڻي هوندي هئي ۽ جنهن جي صدقي ٿي هو بادشاه ٿيندو هو، تخت چڏڻو پوندو هو، جنهن کان پوءِ ان جو مالڪ اهو ٿي ٿيندو هو، جو سندس ڏي جو مڙس هوندو هو، ان ڪري زال جي مرڻ ۾ جڏهن بادشاه کي اجا ۽ تخت و تاج مالڪ جو ارادو هوندو هو ته پوءِ قانوني لحاظ کان هو فقط ان حالت ۾ ئي تخت و تاج تي برقرار رهي سگهندو هو، جڏهن پنهنجي ڏي سان شادي ڪندو هو ۽ اهڙي نموني سان هو تخت و تاج تي پنهنجو حق ڄمائي سگهندو هو، جو ان کان اڳ سندس ڏي جي ماڻ جي وسيلي سان هن کي ملي هو.

سائنيراس پنهنجي خوبصورتي لاءِ مشهور هو ۽ خود ائفروڊائيٽ ديوي هن جي محبت ماڻڻ لاءِ، سندس نازبرداري ڪئي هئي. اهڙي طرح معلوم ٿئي ٿو ته سائنيراس پنهنجي ٻٽ، ائڊونس جو پيو روپ هو، چو ته الهي ساڻي شهوت پرست ديوي هن کي ۽ دل ڏني هئي. ازانسواءِ، هاڪس جي شاهي خاندان جي بن مائٽن سان ائفروڊائيٽ جي محبت جون ڪالهوون، البرص جي هڪ فوئينيشين بادشاهه، ڪميلائن جي هڪ جهڙي روايت کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو ائفروڊائيٽ جي هڪ مجسمي تي
اهڙو عاشق ٿي ويو هو، جو ان سان همبستر ٿيو هو، مشڪل
ٿي جدا ڪري سگهجن ٿيون. هاڻي، جڏهن هن ڪالهہ تي ڌيان
ڏجي ٿو تہ پگميلائن، سائنوراس جو سهرو هيو ۽ سائنوراس جو
بت ائڊونس هو ۽ اهي ٽيئي جڻا، هڪ ٻئي ٻنيان، پشت
پشت "ائفروڊائيٽ" جي محبت ۾ مبتلا هئا، تہ پوءِ هن
نتيجي ڪڍڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، تہ هانوس جا
فوئينيشين بادشاه يا سندن بت، باقاعده طور، تہ فقط ديوي" جي
اوجارين هئڻ جو دم ڀريندا هئا، ۽ ساڳئي وقت آهي سندس :عاشق
۽ هوندا هئا، ٻئي لفظن ۾ چئجي تہ آهي ائڊونس جا اوتار هوندا هئا.
بهرصورت، هي" ڪالهہ صاف ثابت آهي تہ ائڊونس قبرص ۾ حڪومت
ڪندو هو ۽ هي" ٻہ ڏري گهٽ خاطري آهي تہ قبرص جي
فوئينيشين بادشاهن جا بت ائڊونس جو خطاب اختيار ڪندا هئا.
هي" حقيقت آهي تہ ائڊونس جي لفظي معنيٰ دراصل "آقا" آهي،
ان هوندي ۽، اهي روايتون ۽ ڏند ڪٿائون، جيڪي قبرص جي
فوئينيشين شهزادن کي محبت جي ديوي" سان واسطہ ڪن ٿيون،
سي هن ڪالهہ جو ۽ امڪان پيدا ڪن ٿيون تہ اهي، تہ فقط
ائڊونس جي ديوتائي نسل جي دعويٰ ڪندا هئا، ۽ هن جي انساني
شان و شوڪت ۽ ديبدبي جا ۽ ان کي حقدار سمجهندا هئا.
پگميلائن جي ڪالهہ مان هڪ متدس شادي" جي رسم ادا ڪن
جي خبر ملي ٿي، جنهن ۾ بادشاه ائفروڊائيٽ، يا دراصل ائسٽارٽ
جي هڪ بت سان شادي ڪئي هئي. جيڪڏهن ائين هو، تہ پوءِ اها
ڪالهہ ڪنهن حد تائين، هڪ مانهو" لاءِ تہ، ۽ سڄي ساري خاندان جي
مسلسل سيني ماڻهن جي حالت ۾ سڄي معلوم ٿئي ٿي، خاص طرح
پگميلائن جي حالت ۾ تہ اها ڪالهہ هن ڪري سڄي هوندي جو
اهو لفظ عام طور سيٽي سميٽڪ نسل جا بادشاه، ۽ خاص طرح
قبرص جا سپ فرمانروا، لقب طور استعمال ڪندا هئا. ڪيئن ۽، هجي،
پگميلائن ٽاءِر جي الهي" مشهور بادشاه جو نالو چيو وڃي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وڃان سندس ڏن، ڏيڏو پڇي ويئي هئي، قبرص جي ٻن شهرن سيڊيم ۽ آئياليم جي هڪڙي بادشاه جو نالو، جو سڪندر اعظم واري زماني ۾ حڪومت ڪندو هو، يڪميلائن، يا دراصل 'ايوميالان' هو، الهيءَ فوٽوشين لفظ کي يونانين خراب ڪري يڪميلائن جي صورت ڏني. هيءَ ڪالهه قابل غور آهي ته ڪارٽيج جي هڪ قبرستان لڌل، هڪ سواميءَ کول ٽالهيءَ تي، ڪارٽيج جي قديم ٻوليءَ جي آکرين تحرير ۾ يڪميلائن ۽ انسٽارٽ جا نالا هڪ ٻئي سان گڏ لکيل مليا آهن. تحرير جا اکر تمام پراڻي، ۽ انسائي ارتقا جي ابتدائي، دور جا آهن. جيئن ته مذهبي عصمت فروشيءَ جي رسم جو بنياد پافوس ۽ سائٽيرامن بادشاه جو وڏل پٽ وڃي ٿو، جنهن ٻي سندس ڏيئرون ۽ عمل ڪنديون هيون، الڪري اسين ان مان هي اندازو ڪيون ٿا، ته پافوس جا بادشاه، بت سان شادي ڪرڻ جي رسم ادا ڪرڻ ۾ران، مختلف طريقي سان ديوتائي ڪهوٽ ٿيڻ جو ڪردار ادا ڪندا هئا. دراصل، ڪن خاص ميلن ۽ ڏڻ جي موقعن تي، هنن ڪي مندر جي ڪنهن هڪ، يا ان کان زياده مقدس وڻشائن سان جي نهنجي انڊيلس ديوتا جي انسٽارٽ ديويءَ ٿيڻ جو ڪردار ادا ڪنديون هيون، جنسي صحبت ڪرڻي پوندي هئي. جيڪڏهن انهن هوءَ ڪن عيسائي پادرين جي الهيءَ شڪايت ۽ سچ ۽ حقيقت جو ان کان زياده جذبو سمايل آهي، جو عام طرح سان سمجهيو ويندو آهي، ته جنهن انفروڊائيٽ جي سائٽيرامن پوڄا ڪندو هو، سا هڪ رواجي شهوت پرست ۽ جنسي صحبت جي شائق وڻشپا هئي. انهن جي ميلاپ سان جايل پار، ديويءَ جا بت ۽ ڏيئر هوندا هئا، جي نهنجي وقت ۽ وري ديوتائن ۽ ديوين جا انهن ٻي ٻيئر ۽ مائر ٿيندا هئا، جيئن انهن کان اڳ سندن پيئر ۽ مائر هئا. اهڙيءَ طرح، پافوس ۽ ايشيا جي الهيءَ عظيم ديويءَ جا پوڄا آستانا ۽، جتي مذهبي عصمت فروشيءَ جو رواج هو، انسان ديوتائن سان پرڻا ويا هوندا — اهي ديورون ۽ ديوتائون، جي وقت جي 'خدائي بادشاه' ۽ سندس زال، سينڈين ۽ مندر جي وڻشائي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جائز ۽ ناجائز جنسي تعلق جا قال هوندا هئا. ممڪن هو ته انهن مان ڪوبه ڪنهن وقت ابي جي جاءِ تي بادشاه ٿي وڃي، يا جنگ يا ابي کنهن قومي آفت جي وقت ان جي بجاءِ قربان ٿي وڃي، جيئن آلهي زماني ۾ عام طور اهڙين مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ شاهي خون وهائڻ جي ضرورت پوندي هئي. ملڪ ۽ قوم جي پالائي لاءِ شاهي نسل جي لاتعداد اولادن مان جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي اهڙي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي، ان ڪري نه ته ديوتائي نسل ۾ ڪا ڪمي واقع ٿيندي هئي ۽ نه الڪري ته اهڙي ابي جي دل درد ۽ ڏک کان ڄاڻندي هئي، جو پنهنجي پدراڻ محبت ۽ شفقت کي هيترن سارن پٽن ۽ ڌيئن ۾ تقسيم ڪندو هو. هرحالت ۾، جيئن ته شهادتن ۽ ثابتين مان اهڙي ڪالهه تي اعتبار ڪرڻ جا اسباب موجود آهن، جيڪڏهن سيمٽڪ نسل جي بادشاهن کي ساڳئي وقت موروثي ديوتائون ۽ سمجهيو ويندو هو، ته پوءِ انهن بادشاهن جي شخصي ٽالن جي اڪثريت کي سمجهڻ آسان آهي، جن جو مقصد اهو هيو ته انهن جا مالڪ ديوتا جا پٽ، يا ڌيئر، ڀائر يا پيٽر، ڀيٽر يا مائر هئا، ۽ ڪن عالمن جي راءِ مطابق، انهن ٽالن جي سڏي سادي معنيٰ مان پن مطلبن ۽ معنائن کان جي ڪا ضرورت ڪانه آهي. الهي معنيٰ جي مصر جي هڪ متوازي رواج مان تصديق ٿئي ٿي، مصر ۾ جتي بادشاهن کي ديوتائون سمجهيو ويندو هو، اتي رالي کي "ديوتا جي زال" ۽ "ديوتا جي ماڻ" سڏيو ويندو هو ۽ "ديوتا جي ابي" جو لقب، نه فقط بادشاه جي حقيقي ابي کي ملهل هوندو هو، ۽ سندس سوري کي ۽ الهي ساڳئي لقب سان نوازيو ويندو هو. ساڳي طرح سيمٽڪ نسل وارن ۾، جڪو به بادشاه جي حرم کي ٻرڻ لاءِ پنهنجي ذي اولاد مان موڪلي ڏيندو هو، تنهن کي راڻ کي "ديوتا جو ابي" سڏائڻ جي اجازت هوندي هئي.

سيمٽڪ نسل جو اهو بادشاه، جنهن کي سائنيراس جو ٽالو ملهل هو، تنهن جي ٽالي جي لفظ جي معنيٰ کي نگاهه ۾ رکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين انهيءَ لتيجي تي ڏهتا آهيون تہ اهو ٻ، دائود بادشاه واڪر ٻنسري وڄائيندڙ هو، ۽ تہ سائنيراس ٽالو، صاف طور يولاڻي لفظ 'سائنيرا' سان واسته آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تنبورو، ۽ ٻنهه جي ليکي وري سيمينڪ ٻوليءَ جي لفظ "ڪنّور" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ٻ تنبورو آهي ۽ اهوسا ڪيو لفظ آهي، جو انهيءَ ساز کي ڏنل هو، جيڪو دائود 'سال' جي سامهون وڄايو هو، ان ڪري، اسين هن نتيجي ڪيڏ ۽ هرگز غلط ڪو ن ويندا سون تہ يروشلم، توڙي ٻاڦوس ۽ تنبوري يا سارنگيءَ جي موسيقي وارڪائي جي ولدر واسطي ڪا هئي، جنهن جي مڌر آواز جي دل ڇاڪائيندڙ اثر کي، بلڪل شراب جي اثر وانگر، ديوتا، يا ديويءَ جي وجد ۽ آڻيندڙ قوت سان منسوب ڪيو ويندو هو، اها حقيقت آهي تہ يروشلم جا باقاعده هادري تنبورن جهانجهن ۽ يڪتارن وغيره جي ساڻ موسيقيءَ جي آواز کان متاثر ٿي پيشينگويون ڪندا هئا، ۽ اڄين معلوم ٿو ٿئي تہ بيقاعده هادري ۽ جيڏن اسين ڏين کي ڪٿي سڏيون، پاڻ کي وجد جي انهيءَ حالت ۽ آڻ لاءِ، جنهن کي اهي ديويءَ سان همڪلام ٿيڻ جي علامت سمجهندا هئا، اهڙي قسم جي جوش ڏيارينڊڙ سازن تي داومدار رکندا هئا، اهڙيءَ طرح، ايبيڪ جي هڪ گروه جي ڪالهه آهي، جي ڪنهن اوجي مقام تان جهانجهن، تنبورن، توتارين، ۽ سارنگين سان هٽ آها ۽ گهمندي گهمندي پيشينگويون ڪندا وياء وري، جڏهن جُوڊا ۽ اسرائيم جا ڪڏهل لشکر دشمن جو پيڇو ڪندا، معاب جي ويرانيءَ مان لنگهي رهيا هئا، تڏهن کين ٽن ڏينهن تائين پاڻي ڪونہ ملیو، جنهن ڪري اڄ وگهي ماڻهو ۽ سندن وهت مرڻ وارا هئا، اهڙي هنگامي صورتحال ۾، ايليشيا نبيءَ، جو ان وقت لشکر ۾ حاضر هو، هڪ سازن وڄائيندڙ کي گهرائي، کيس ڪائن ۽ وڄائڻ جو حڪم ڏنو، موسيقيءَ جي اثر شروع ٿيڻ سان، هن سامهون کي انهيءَ ٻي آب واديءَ ۾، جنهن مان کين لنگهڻو هو، خندقن کوٽڻ جو حڪم ڏنو، هنن اڄين ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خندقون الهيءَ پاڻيءَ سان پرجي ويڻون، جو ڪنهي پاسن وارن مهيب ۽ خطرناڪ پهاڙن جي ڪنهي پاسن تان لهي، الهيءَ وادي جي زمين مان سمي هيٺ لهي ويو هو. ويرانيءَ ۽ پاڻيءَ ڪولهي ڪيڏ جي ڪبي جي ڪاميابيءَ اڄ ڪالهه جي انهن ماهرن جي ڪاميابيءَ وانگر آهي، جي ڪالهين، پا پاڻيءَ ڪراڻ ۽ ڪاميابي حاصل ڪندا آهن، جيتوڻيڪ ڪنهي جي دستور ۾ فرق هئو. ساڪئي وقت الهيءَ ڪبيءَ ڪنهنجي نور جي هڪ ئي خدمت ۾ ڪئي. جو ڪ معاب وارن ماڻهن، جي جيلن جي پٿرن سان پٿر ٽڪا ايندا هئا، جڏهن سج جي سرخ رانگ جو پاڻيءَ ۾ عڪس ڏئو، تڏهن هنن‌ڪان کي رت سمجهي، يا دشمنن جي رت وچاڻ جو ليڪ شگون سمجهي، همت ڪري ڪبيءَ واريءَ فوج ڪي وڏي حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن ڪيتريءَ رت وچاڻ ڪان پوءِ سخت شڪست کاڌي ۽ سندن باقي رهيل ماڻهو ولي پڳا.

وري جڏهن افسردگيءَ جي سياه بادل، چوڙي ڏولي سان 'سال' جي دل و دماغ تي رکي رکي اثر ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن کي هو مالڪ جي طرفان موڪليل آهو ۽ روح سمجهي رهيا هئا، جنهن کي هن 'سال' کي عذاب ڏيڻ لاءِ موڪليو هو، اهڙي ڏولي سان، ٻئي طرف وري، سارلگيءَ جي سنجيده سرن کي، جي هن جي ڏڪل دل و دماغ تي چنبو وڌهي رهيا هئا، تنهن کي ماليخوليا ۽ مبتلا ڪيل بادشاه خود خدا، يا رحمت جي ان فرشتي جو آواز سمجهي رهيو هو، جنهن کي مالڪ هن جي روح جي تسڪين لاءِ موڪليو هو. خود اسان جي هلندڙ دور ۾، هڪ مشهور ۽ عظيم مذهبي مصنف، جو موسيقيءَ جي جادوءَ واري اثر جو قائل آهي، لکيو آهي ته موسيقيءَ جا سر، جن ۾ رت ۽ جوش ۽ ولولي پيدا ڪرڻ ۽ دل کي گهاري پاڻيءَ ڪرڻ جي قوت موجود آهي، اجايا ۽ خالي آواز نٿا ڪي سگهن، جن ۾ ڪجهه نه ڪوبه، نه، اهي ڪنهن اوچي مقام مان نڪتل آواز آهن، جي ابدي سڪ ۽ شالتيءَ جا ملها سُر آهن، اهي ڪن ملائڪن جو آواز آهن، اهي درويشن طرفان گايل ايندي مريم جي گيت جو آواز آهن. درحقيقت، مذهب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ترڻي ۽ واڌاري ۾ موسيقيءَ جي اثر جو مطالعو دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. چوتہ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ انهيءَ اثرائتي، ۽ انسان کي ٻين سڀني لطيف هنرن کان زياده ويجهي هنر، مذهبي جذبات کي ٻيدا ڪرڻ، ۽ انهن جي اظهار ڪرڻ جي راه ۾ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ان مذهبي اعتقادن جي بناوٽ ۾ ٽوري يا گهڻي تبديلي آندي آهي، جيتوڻيڪ اوائلي طور موسيقيءَ فقط مذهبي جذبات ٻيدا ڪرڻ جوئي ڪم ڪيو آهي. مذهب جي بناوٽ ۾ نبيءَ ۽ ايلسوف سان گڏ موسيقي ڪار ۽ ٻنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هرهڪ مذهب کي ٻنهنجي ٻنهنجي مخصوص موسيقي آهي ۽ حقيقت تہ اها آهي تہ مختلف اعتقادن رکڻ واري قومن جي فرق جو اظهار موسيقيءَ جي سُر ۽ تارن ذريعي ٿيڻو. مثال جي طور، سائبيل جي وحشيانہ ۽ گوڙ گهمسان واري رسم ۽ ڪئولڪ ڪليسا جي شاهاڻي ۽ سنجيده رسم جي درمياڻ واري وڏي جي ٻيمائش انهيءَ خليج جي ذريعي ڪئي وينديءَ آهي. جا ڪوڏن، نادن ۽ تنبورن جي ٻي سرن ۽ وحشي آوازن کي ديول جي سنجيده سرن کان جدا ڪري ٿي. مختلف موسيقيءَ جي سرن ۾ مختلف جذبات ڪار فرما هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنڌرهون

ائڊونس جا سات سڳن

ائڊونس جي ميلن ۽ جي اولهندي اهشيا ۾ پوڻاڻي علائقن ۽ ملهايا ويندا هئا. ديوتا جن موت ٿي هر سال ماتم ڪيو ويندو هو ؟ اُن ۽ عورتن طرفان خاص طرح جوشاهو ڪيو ويندو هو. مقامي ماڻهو ديوتا جي مجسمن کي ڪفن پارائي، دفن ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويندا هئا ؟ پوءِ ڪين سمنڊ يا چشمن ۽ اڇلائي ڇڏيندا هئا. ڪن علائقن ۽ اُن جو ٻُوٽن جنم ٻُڌايو ٿي ملهايو ويندو هو. ۽ مختلف جاين تي انهن رسمن جي ادا ڪرڻ جي ڍنگ ۾ موسم ۽ فرق هوندو هو. اسڪندريه ۽ ائڊونس ۽ ائفروڊائيٽ جي موڙين کي ٻن ڪوڇن تي وهاري، سندن نمائش ڪئي ويندي هئي. انهن جي پرسان هرقسم جا ٻڪل ميوا، ڪيڪ ۽ ڪونڊين ۽ ٻوڪيل ساوا ٻوٽا رکيا ويندا هئا. ٻئي محبوبن جي هڪڙي ڊينهن شادي رچائي ويندي هئي. ۽ ٻئي ڊينهن صبح جو عورتون ماتمي لباس پائي، وار کولي ۽ چاتيون اگهاڙيون ڪري، مثل ائڊونس جو مجسمو ڪٽي سمنڊ ڏانهن ويندڙون هيون، جتي آهي اُن کي لهرن جي سپرد ڪنديون هيون. اُن هوندي ۽، اهي نااميدي ۾ جو ماتم ڪري ڪنديون هيون، چوڻ آهي هڪ سرءِ چوندڙون هيون جنهن جو مطلب اهو هيو ته وڃايل (مرحوم) اڇوتو واپس اچي. اسڪندريه جي الهيءَ رسم ملهائڻ جي تاريخ واضح ڪالهڪي ويئي آهي، ۽ ٻڪل ميوي جي حوالي سان انومان ڪيو ويو آهي ته اها اولهاري جي آخر ۾ ملهائي ويندي هئي. بائبلس ۽ فوئنيشين ٽيور وارن جي ائسٽارٽ ديويءَ جي آستاني ۾، ائڊونس جي موت جو توتارين جي دردناڪ موسيقيءَ ۽ رونج راڙي، ۽ عورتن جي شاهي سان، جي ٻنهنجيون چاتيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آکھاڻ ۾ون ڪري ٻڌيندڙن هيون، هر سال ماڻهو ڪهو ويندو هو. ان سندس پوڄارين جو اعتقاد هو ته هو ٻئي ڏينهن تي ٿي وري جيئرو ٿي، سندن روبرو آسمان ڏانهن مٿي چڙهي ويندو. سندس ماڻوس معتقد، جي هيٺ زمين تي تنها رهجي ويندا هئا سي، سمورن واڪن، جيڪي 'اڻيئنز' نالي هڪ مقدس ڳبي جي موت تي ٻنهنجا ٻئا ڪوڙائيندا هئا، ٻنهنجي مٿي جا وار لهرائيندا هئا. عورتن کي، جي ٻنهنجين خوبصورت زلفن کي ڏوتا لاه ڪرڻ ۽ ڪري سگهندڙن هيون، الهيءَ ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاه جيئن جي ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن تي ڪنهن نه غير واقف مرد جي گود ۾ گذارڻو پوندو هو. ۽ کين ٻنهنجي ان شرمناڪ کسب جي نتيجي کي اُسٽارٽ ديويءَ جي قدمن ۾ ٻيڻ ڪرڻو پوندو هو.

معلوم ٿئي ٿو ته فوئينيشين قوم وارا اها رسم بهار جي موسم ۾ ادا ڪندا هئا، چوته ان جي تاريخ اڊونس نديءَ جو، رنگ تبديل ٿيڻ تي مقرر ڪئي ويندي هئي ۽ جديد دور جي سياحن ڏاڍو آهي ته اها تبديلي بهار جي مند ۾ اچي ٿي. الهيءَ موسم ۾، برسات جو پاڻي آسپاس جي جبلن تان سرخ مٿي آڻي درياه ۾ خود سمنڊ کي ڳهٽي مقابلي تائين رت جهڙو ڳاڙهو رنگ ڏيئي چڏيندو آهي، ۽ ترمزي رنگت جي الهيءَ داغ کي اڊونس جو رت سمجهيو ويندو هو. جنهن کي لبنان جبل تي هرسال هڪ جهنگلي سوئر زخمي ڪري ماري چڏيندو هو. وري، گلابي رنگ جي "اينيمون" (Anemone) گل لاه چيو ويندو آهي ته اهو اڊونس جي رت مان ٽٻي نڪتو آهي يا ان تي اڊونس جي رت جا داغ لڳل آهن، ۽ جيئن ته شام ۾ اهو گل ايستر جي موقعي تي ڦڙندو آهي، ان ڪري ان مان هي خيال ڪري سگهجي ٿو ته اڊونس جون تقريبون، يا گهٽ ۾ گهٽ انهن مان هڪ، بهار جي موسم ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. ممڪن آهي ته الهيءَ گل جو نالو "نعمان" (محبوب) لفظ مان نڪتل هجي، جو اڊونس جي صفتن مان هڪ جو نالو معلوم ٿئي ٿو. عرب اڄا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين انهيءَ گل کي جنهن نالي سان سڏيندا آهن، تنهن جي معنيٰ "نعمان جا زخم" آهي. ڪاڙهي گلاب جي گل لاءِ ۽ چيو ويندو هو ته ان جو رنگ انهيءَ افسوسناڪ واقعي سان واسطو هو، جو ته انڊوائيٽ ٻنهنجي مجروح ٿيل عاشق ڏانهن ڊوڙندي، گلاب جي اڇن گلن جي ٻوٽي کي لتاڙي ويئي ۽ اي رحم ڪندڙ سندس نازڪ ساس کي ڦاڙي وڌو ۽ سندس مقدس رت اڇن گلن کي همیشه لاءِ سرخ ڪري وڌو. گلن جي ڪنليندر مان دستياب ٿيندڙ شهادتن کي زياده وزن ڏيڻ ۽ خاص طرح گلاب جي گل جي ٽڙڻ جهڙي ڪمزور دليل تي زور ڏيڻ شايد بيڪار ٿئي، ۽ ان جي باوجود، ان جو قدرڪٿي ڪيترو ۽ هجي، جيڪو قصو دمشق واري گلاب جي گل کي اٹبونس جي موت سان واسطو ڪري ٿو، سو ان جي محبت جي جشن ملهائڻ واريءَ موسم کي، بهار جي بدران اونهارو ٻڌائي ٿو. اتيڪا ۽ اها تقريب ڪنهي طور وچ اونهاري ۽ اينڊي هئي، جو ته اٹيس وارن سائريڪيو اوڪن جي خلاف جيڪو جنگي ٻيڙو تيار ڪيو هو، ۽ جنهن جي ناس ٿيڻ سان ان جي طاقت کي همیشه لاءِ ڪاري ضرب لڳي ويئي هئي، سو وچ اونهاري ۽ هاڪاريو وهو هو، ۽ اها هڪ عجيب بدشگوني هئي، جو عين ان وقت، جڏهن اهو ٻيڙو روانو ٿي رهيو هو، تڏهن اٹبونس جا سات ۽ سڳن ادا ٿي رهيا هئا، جنهن وقت اوجون ٻندرگاهه ڏانهن جهازن ۽ ڇڙهن لاءِ وڌي رهيون هيون، تنهن مهل سنپ گهٽيون ۽ رستا ڪنن جي ميندوقن ۽ مردن سان ڀريا پيا هئا ۽ مثل اٹبونس جي ماتم ۽ روئندڙ ۽ رڙندڙ عورتن جون دانهون ۽ ڪوڪون فضا کي چيري، اڃا ڦاڙي رهيون هيون. انهيءَ واقعي اٹيس جي اهڙي عظيم الشان لشڪر جي سفر متان، جنهن جهڙو مصلح سپاه اڃ اڳي ڪڏهن ڪونه موڪليو هو، غمگينيءَ جو ڇڙدو ڇانئون ڇڏيو. گهٽو زمانو ٻوءِ، جڏهن شهنشاه جولون ٻريون دنعو انطاڪيه ۽ داخل ٿيو، تڏهن هن مشرق جي انهيءَ ٻرشڪوه ۽ آسودي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزيدار دارالحڪومت کي اڏڻ جي سالياني ماتم جو سانگ رچائيندي، غم و اندوه ۽ غرق ڏڻ ۽ جڪڏهن هن کي ڪنهن ايندڙ مصيبت جو اڳيئي ڪو فڪر لڳل هو، تہ پوءِ الهيءَ روح، راڙي ۽ ماتم جو آواز، جو اينديءَ ڏي سندس ڪن تي ٻوڏ، هن کي پنهنجي موت جي ڪهنڊ جي آواز وانگر معلوم ٿيو هوندو.

انهن رسمن جي هندستاني ۽ يوروپي رسمن سان مشابهت، جن جو آءٌ ٻڌي ڪنهن هنڌ بيان ڪري آيو آهيان، عيان آهي. خاص طرح، اسڪندريه واري رسم، ان جي مشڪوڪ تاريخ کان سواءِ، جنهن تي اڃا ملهائي ويندي هئي، باقي سڄي هندستاني رسم سان ڏاڍي گهٽ مشابهت رکندڙ آهي. بنهي حالتن ۾ ٻن ديوتائي شخصيتن جو سندن مجسمن ڏي صورت ۽ ساوڪ سان تعلق، هن حقيقت مان ظاهر آهي تہ انهن جي چوڌاري ساوا ٻوٽا رکيا ويندا، سندن شادي رچائي ويندي هئي ۽ بعد ۾، سائنس ماتم ڪيو ويندو. انهن رسمن جي هڪ ٻئي سان، ۽ جديد اوربٿ جي ٻهار ۽ وچ اونهاري واري رسمن سان جيڪا مشابهت آهي، تنهن مان اسان کي لازمي طور هيءَ توقع رکڻ گهرجي تہ انهن پينيءَ رسمن جي ادائگيءَ جي پسمنظر هيٺ ڪي آهي، چنانچہ، اوٽين ۽ خالت ۽ جيڪا سمجهائي مون اختيار ڪئي آهي سا، جيڪڏهن صحيح آهي، تہ پوءِ اڏڻ جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي رسم ۽ نباتات جي سڪي ۽ ورهائي ٿيڻ جو ڊرامائي مظاهرو هوندي. رسمن جي مشابهت جي بنياد تي الهيءَ ڏياس جي اڏڻ جي روايت ۽ رسمن جي هيٺين خصوصيتن مان تصديق ملي ٿي. سندس جنم جي عام روايت مان هن جو نباتات سان تعلق صاف ظاهر ٿئي ٿو. جيو وجي ٿو تہ هو هڪ خوشبودار وڻ (Myrrh tree) مان ڄائو هو، جنهن جي ٽڙ جو ٻاهروڪو چوڌو ڏهن مهينن جي حمل کان پوءِ ڦاٽي ٻوهو ۽ ان مان هڪ خوبصورت ٻار ٻاهر آيو هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ الهيءَ چوڌي کي هڪ جهنگلي ڪوئر پنهنجو ڏڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪي ڳاڙي چڏيو ۽ اهڙي طرح هن پار جي پاڻ جو رستو صاف ڪيو. انهيءَ روايت کي معقوليت جي رنگ ڏيڻ لاءِ هيءَ ڪالهه ڪئي ويئي ته سندس ماڻ جو نالو 'ماڻره' هو، جنهن کي حمل ٿيڻ کان پوءِ ماڻره ون ۾ تبديل ڪيو ويو هو. معلوم ٿئي ٿو ته انڊولس جي تقريب تي 'ماڻره' جو جوڪو ڏوپ ۽ وامن ڪيو ويندو آهي، تنهن انهيءَ روايت کي جنم ڏنو هجي. اسان ڏٺو آهي ته ٻاهل جي ساڻين رسمن ۾ اهڙيءَ طرح ٽي ڏوپ ساڙيو ويو هو، جهڙيءَ طرح ميربو ٿوم وارا بت پرست "جنت جي راڻيءَ" جي اعزاز ۾ ڏوپ ساڙيندا هئا. ۽ جنت جي اها راڻي، انسٽارٽ ديويءَ کان علاوه ٻي ڪالهه هئي. وري، جيڪا هيءَ ڪالهه ڪئي ويندي آهي ته انڊونس سال جو اڌ يا ڪن ٻين جي ڇوڙ مطابق، ڏينهن حصو، هيئين جهان ۾، ۽ باقي حصو مٿاهين دنيا ۾ گذاريندو هو، تنهنجي بلڪل سڌي سنئين سمجهاڻي، هن ڪالهه کي ارض ڪرڻ سان ملي وڃي ٿي ته هو نباتات، ۽ خاص طرح اناج جي نمائندگي ڪندو هو، جو اڌ سال لاءِ زمين اندر دفن رهي ٿو ۽ ٻئي اڌ ۾ زمين کان مٿي نڪري ٿو. يقيناً، قدرت جي سالياني نظام ۾، سر ۽ ٻوڙ اندر اناج جي سُڪڻ ۽ وري سائي ٿيڻ جهڙي ٻي ڪا اهڙي صورت ڪانهي، جا موت، ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي نظرياتي ڪي اهڙي صاف نموني سان سمجهائي سگهجي. انڊونس کي سچ سمجهو ويو آهي ۽ هن خط استوا ۽ پوري ٻني آب و هوا وارن ٻڌن ۾ سچ جي سالياني دوري ۽ ڪا اهڙي ڪالهه ڪانهي، جا هيءَ خيال پيدا ڪري ته اهو سال جي اڌ يا ٽئين حصي تائين مرده، ۽ باقي اڌ سال، يا سال جي ٻاڪي ٽئين حصي تائين زنده ٿئي ٿو. سواءِ ان کي ڪمزور ٿيل سمجهي سگهجي ٿو، ۽ ان کي مرده ڪنهن به صورت ۾ سمجهي نٿو سگهجي، جاڪاڻ ته اُن جو هر روز اپرڻ، انهيءَ قياس کي غلط ثابت ڪري ٿو. قطبي گهيري ۾، جتي مختلف ويڪرائي ڪن مطابق سج هر سال ڇوويهن ڪلاڪن کان وڌي ڇهن مهينن تائين مسلسل غائب ٿي وڃي ٿو، اُتي ان جي سالياني موت ۽ دوباره جنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيڻ جو نظريو صاف ظاهر آهي، ۽ بدبخت منجهن ٻيلي کان علاوه، ٻئي ڪنهن ۾ اهو رايو پيش ڪرڻ ڪيو آهي ته ائڊونس جي ٻوڏا قطبي علائقن کان هت ٻهتي آهي. ان جي برعڪس، نباتات جي سالياني موت ۽ دوباره جنم جو خيال اهڙو آهي، جو سڌريل ۽ ان سڌريل حالت جي هر منزل تي مائڻن جي دماغ ۽ ازخود اڇي حاضر ٿئي ٿو. بار بار وقوع پذير ٿيندڙ موت، ۽ دوباره جنم، جنهن وسيع پٺاڻي تي واقع ٿئي ٿو سو، ۽ مالهوءَ جي بقا جو اهو قريبي الحصار، جو مٽس آهي، پاڻ ۽ ڪڏجي ان کي، ڪهت ۽ ڪهت ٻوري ٻاڻي ٻڌي ۽، فطرت جو سيني کان زياده رنگين ۽ قابل ديد شاهڪار ٻئائي ٿو. چنانچه، هن ڪالهه ۽ ڪو، تعجب ڪونهي ته فطرت جي اهڙي نمايان، ۽ اهڙي عالمي نظام، ساڻئي قسم جا خيال پيدا ڪري، مختلف علائقن ۽ هڪ جهڙين رسمن کي جنم ڏنو هجي. ان ڪري اسان کي ائڊونس جي ٻوڏا جي اها سمجهاڻي امڪاني قبول ڪرڻ گهرجي، جا فطرتي حقيقتن ۽ ٻين ملڪن جي ساڻين رسمن جي مشابهت سان اهڙي سهڻي نموني سان ٺهڪي اچي ٿي. تنهن کان سواءِ، الهيءَ سمجهاڻيءَ کي خود قديم زماني جي مائڻن جي اڪثريت جي راءِ سان تقويت ملي ٿي، جيڪي بار بار مرندڙ ۽ دوباره زنده ٿيندڙ ديوتا کي ويڙهل ۽ دوباره جنمندڙ اناج سان مشابهت ڏيندا هئا.

'تموز' يا 'ائڊونس' جي اناج جي ديوتا هئڻ جي حيثيت، ڏهين صدي عيسويءَ جي هڪ عرب مصنف جي آڻهيءَ ۾ان سان عيان ٿئي ٿي، جو هن ان جي تقريب ملهائڻ جي متعلق ڏاڍو آهي. هارران جي بت پرست شامين جي رسمن رواجن، قربانين ۽ ساڻن سوڻن جو بيان ڪندي، جي آهي سال جي مختلف موسمن ۽ ادا ڪندا هئا، هو چوي ٿو: "تموز (جولاءِ)، مهيني جي وچ ۽ 'البغات'، يعني رونندڙ عورتن جي تقريب منعقد ٿيندي آهي ۽'تائوز' جو مطلب لڳندو آهي، جو ساڻي-تالي واري ديوتا جي اعزاز ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهايو ويندو آهي. عورتون ان جو ماتر ڪندڙون آهن، جاڪاڻ تہ اُن کي سندس آقا اهڙي ۽ بيدردي ۽ سان قتل ڪيو، سندس هڏن کي چڪي ۽ ڏسيو، ۽ ۽ انهن کي هوا ۾ منتشر ڪري ڇڏيو. عورتون (انهي ۽ تقريب جي دوران ۾) ڪاڻ اهڙي جنس ڪاڻ ڪاڻيندڙون آهن، جا چڪي ۽ ڏينل هوندي آهي، ۽ آهي، انهنجي ۽ غذا کي فقط پاڻي ۽ ۾ ڏسيل ڪڪ، مڪي ميوي، ڪارڪن، ڪشمش وغيره تائين محدود رکندڙون آهن." تائوز، جو تموز کان علاوه ٻيو ڪو ۾ ناهي، سو هن هنڌ "برلس" واري "جان بارلي ڪارن" وانگر آهي:

"ساڙيندڙ شعلي مٿان هنن ڪاري ڇڏي،
هن جي هڏن جي مڪ،
۽ جانڊاهي ۽ هن سان سڀني کان زياده بيڙو سلوڪ ڪيو،
جو هن ڪيس ٻئر جي ٻن ٻڙن جي ۾ ڏسي ڇڏيو".

ائڊونس جي فطرت جو اناج جي فصلن مٿان اهڙي ۽ طرح مرڪوز ٿيڻ، سندس ٻوچارين جي تهذيب و تمدن جي انهي ۽ منزل جو مظهر آهي، جنهن تي اهي تاريخي دورن ۾ ٻهتا هئا. آهي، هينئر رولو شڪاري ۽ ريڇار جي خاڪ بدوش زندگي گهٽو ڪٽيان ترڪ ڪري چڪا هئا، صدين کان وٺي آهي زمين تي آباد ٿي ويٺا هئا ۽ انهنجي ۽ بقا ۽ گذر اوقات لاءِ هر ڪيڙ جي ٻداوار تي دارومدار رکندا آيا هئا. ورالين جا ٻير ۽ ٻوڻين جون ٻاڙون ۽ چراگاهن جو گاهه، جي سندن اڻ سڌريل ابن ڏاڏن لاءِ وڏي ۽ اهميت واريون شيون هيون، سي هينئر هنن لاءِ ڪنهن ۾ وقعت واريون نہ هيون، سندن خيال ۽ اوتون زياده ۽ زياده سندن زندگي ۽ جي بنيادي ضرورت، اناج ۾ محو ۽ مرڪوز رهيون، چنانچہ، عام طرح آبادي ۽ ۽ خاص طرح اناج جي ديوتائن جي رضامندي ۽ خوشنودي زياده کان زياده سندن مذهب جي مرڪزي خصوصيت ٿيندي ويئي. انهن سالن سوٽن جي ملهائڻ لاءِ جيڪو هنن انهنجي لاءِ نصب العين مقرر ڪيو، سو بلڪل عملي ۽ حقيقت پسندانہ هو، نباتات جي نشوونما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمع ڪي خوشي، ۽ ان جي سڪ ڪي ماتر، ڪنهن نامعلوم شاعراڻ جذبي کان متاثر ٿي ڪول ڪندا هئا. هڪ جو ڏنو ۽ ان جو احساس، اڀرڻ جي ويجا جو ڪيو بنياد هو.

نادر لٽريچر جي راڻ آهي تہ اڀرڻ جوماتر بنهادي طور لاباري جي رسر هئي، جا الاج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ لاءِ ملهائي ويندي هئي، جو ان وقت لاباري لاهيندڙن جي ڏاڏڻ هيڻان ڪيو ويندو رهندو هو، يا ڪاهہ جي ميدان ۾ ڏيکن جي ڪرڻ هيڻان لتاڙجي مرندو رهندو هو. مرد، هڪ طرف ڪيس قتل ڪندا هئا، تہ ٻي طرف عورتون ان جي ڏکڻي کاوڙ کي ڏڏي ڪرڻ لاءِ گهر ۾ ويهي سندس موت تي ڪوڙا ڪوڙها ڪاڙهنديون هيون. اهو نظريو تقريبن جي تاريخ سان، جي بهار ۾ اولهاري ۾ منعقد ڪيون ويندڙون هيون، ليڪ نمولي سان لهڪي اچي ٿو، جو تہ انهن ملڪن ۾، جيڪي اڀرڻ جي ويجا ڪندا هئا، بهار ۾ اولهارو، ۽ لہ سڙ، جَوَن ۽ ڪڻڪ جي لاباري لاهن جون موسمون آهن. ان کان سواءِ، هن الوسان جي تصديق مصري لاباري لاهيندڙن جي هن رواج سان ٿئي ٿي، جنهن موجب اهي آن جي اهرين مُٺ ويڻ وقت ورلاپ ڪري "آئسيس" ديوتا کي پڪاريندا هئا. وري، ڪن شڪاري قبيلن جي مشابهت رکندڙ رسمن سان ۾ انهيءَ الوسان کي تقويت ملي ٿي، جي انهن جانورن جو وڏو احترام ڪندا آهن، جن کي اهي ڪهي کائيندا آهن.

انهيءَ مفهوم مطابق، اڀرڻ جو موت لباتات جي اولهاري جي گرميءَ يا سياري جي سردي سبب عام فطرتي سڙڻ يا سُڪڻ ناهي، ان جو مطلب ماڻهوءَ جي هڻان الاج جو عام قتل ٿيڻ آهي، جو ان کي ٻنيءَ ۾ ويڙي ٿو، ڪاهہ جي ميدان ۾ ذرا ذرا ڪري ٿو ۽ جالهہ ۾ وڃهي سنهو ڪري ٻيهي ٿو. اها ڪالهہ قبول ڪرڻي پوندي تہ "ليوائٿ" جي زرعي ٻيهر ماڻهن کي، ٻين دورن ۾، اڀرڻ ٻنهنجيءَ انهيءَ بنيادي صورت ۾ نظر آيو، ۽ اهو ابتدا کان ولي الاج، ۽ فقط الاج ئي هيو، تنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرا شڪ جي گنجائش آهي. اڃا ۽ زياده اوائلي دور ۾ هڪ ريڊار لاءِ ٻن سيني شين کان زياده ضروري، اهو نرم ۽ نازڪ گاه ٽي سگهي ٿو، جو برسات ۾ کان ٻوءِ ڏنڊيل ۽ لاغر ڇوڪري مال لاءِ طاقتور چارو مهيا ڪري ٿو. اڃا ۽ ڪنهن اوائلي زماني ۾ هو هڪ وحشي شڪاري ۽ سندس زال جي نظرن ۾ الهڻ ٻرڻ وغيره جو روح ٽي سگهي ٿو، جي موسم خزان ۾ ٻلن منجهان ڪيئن سندن گذاري لاءِ ڪندا هئا. جهڙي طرح هڪ زراعت پيشه ماڻهوءَ کي اناج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن کي هو ٻنهنجي ٻيٽ ۾ ٻرڻ لاءِ ڪتب آڻي ٿو، اهڙيءَ طرح هڪ ريڊار کي گاهه ۽ ٻڻ جي ديوتا کي راضي رکڻ جي ضرورت آهي، جو سندس ڏڻ اهي شيون ڪائي ٻان تا ۽ بلڪل اهڙي ٽي ٽموني هڪ شڪاريءَ کي انهن ٻاڙن ۽ ٻيون جي ديوتا کي ٻنهنجي موافق ٻڌائڻ جي ضرورت آهي، جي هو زمين مان ڪوڙي ۽ ٽارين مان چني ٻنهنجو ٻيٽ ڀري ٿو. سيني حالتن ۾ مجروح ۽ ڪاوڙيل ديوتائن کي راضي ڪرڻ ۾ لازمي طور ڏکها ڏيکا ڪرڻ ۽ معافيون وٺڻ ضروري هيون ۽ جڏهن ۽ ڪنهن قابل مذمت حادثي يا ضرورت کان مجبور ٿي ڪيس قتل ڪرڻ ۽ ڪرڻ جي. ضرورت لاحق ٿيندي هئي، تڏهن سندس موت تي وڏي واڪي شاهو ڪرڻ ۾ لازمي هوندو هو. اسان کي فقط هڪ هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته الهڻ اوائلي دورن جو وحشي شڪاري ۽ ريڊار اڃا لباتات جي هم گير ذاتي نظريه تائين ٻهتو ٿي ڪونه هو ۽ ان ڪري هن لاءِ جيستائين اڏڻوس جي وجود جو تعلق هو، تيستائين هرهڪ وٽ ۽ ٻوٽي جو انفرادي مالڪ اڏڻوس هو ۽ ان سڃيءَ نباتاتي زندگيءَ جو مظهر، چنانچه، جيڪڏا هوندا وٽ ۽ ٻوٽا، اوڏا هوندا اڏڻوس ۽ الهڻ مان هرهڪ جي جسم ۽ ملڪيت کي جيڪو ۽ ضرر رسايو ويندو هو، ان لاءِ ڪيس مطمئن ڪرڻ ضروري هو. ۽ جيڪڏهن وٽ هرسال ان چاڻيندڙ هوندا، ته سال بسال موسم خزان ۾، جڏهن وٽ ٻنهنجا سرخ ان چاڻيندا هوندا، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائڊونس رت وهائي مرندو معلوم ٿيندو هوندو ۽ وري موسم بهار جي تازي، سبزي، اڇ سان، هو دوباره زنده ٿيندو نظر ايندو. هوندو.

هن خيال لاءِ ڪجهه سبب موجود آهي ته قديم دور ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائڊونس جو ڪردار هڪ جيئرو جاڳندو ماڻهو چوادا ڪندو هو، جنهنڪري ان جي شخصيت ۾ قتل ٿيڻو هوندو هو. ان کان علاوه، هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ، شهادت موجود آهي، ته مشرقي يونان سمنڊ وارن ملڪن جي زراعت پيشه قومن ۾ اناج جي ديوتا جي نمائندگي، خواه اهو ڪهڑي، تالي سان مشهور هو، سال بسال لاباري وقت ٻني، ۾ ماڻهن جون قربانيون ڏيڻي، ڪئي ويندي هئي. جيڪڏهن ائين هيو، ته ان صورت ۾ اناج جي ديوتا کي راضي ڪرڻ جي رسم جو، ڪنهن حد تائين، مڙدن جي اوجا جي رسم سان ملي ٿي وڃي جو اديشو هو. جو ته هن خيال جو امڪان هو ته قربان ٿيل انهن ماڻهن جا روح، انهن سنگن جي صورت ۾ واپس جيئرا ٿي ايندا هوندا، جن کي انهن پنهنجو رت ڏيئي ڏاهو ڪيو هو ۽ اهي آن ۾ لاباري ٻوڙ وقت ٻيو دانهو مرندا هوندا. انهن ماڻهن جا پوت، جن کي زوري، قتل ڪري ماريو ويندو آهي، زود رنج ۽ بدمزاج ٿي پوندا آهن ۽ موقعي ملڻ تي پنهنجن قاتلن کان انتقام وٺڻ لاءِ آماده هوندا آهن. ان ڪري مقتولن جي روحن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش جي، ڪر از ڪر عام ماڻهن جي خيال ۾، قتل ٿيل اناج جي روح جي ڪاوڙ کي ڏڻي ڪرڻ جي ڪوشش سان لازمي طور آميزش ٿي ويندي. ۽ جيئن مٿا ماڻهو ڏسن ڏندڙ اناج ۾ واپس ايندا هئا، تيئن هي ۽ خيال ڪيو ويندو هوندو ته اهي موسم بهار جي گلن ۾ ۽ واپس ايندا هوندا، جن کي بهار جي ڏڙي هير سندن خواب گران منجهان بيدار ڪيندي آهي. مقتولن کي سڪل گاه ۽ ٻڻ سان ڍڪيل زمين هيٺان دفن ڪيو ويندو هو، جنانچ، هن کان وڌيڪ قدرتي خيال ٻيو ڪهڑو ٿي سگهي ٿو ته پنڦڙا ۽ ڪينڊا، گلاب ۽ لال سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪ مان ڪڙيا هوندا، سندن رت مان لولا، ٻيلا ۽ لال، گلابي ٽيا هوندا ۽ سنجهن سندن روح جو ڪجهه حصو ضرور شامل هوندو؟

"آءٌ ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ڪڏهن ڪو اهڙو سرخ ئي نه ٿو ڪڙي،
گل گلاب جو اهڙو، جهڙو الهيءَ جاڻ ٿي، جتي ڪنهن مدفون ٻيصر رت وهايو هو،
ته هرهڪ ٻنفشو جو چمن کي سينگاري ٿو،
ان جي گود ۾ ڪريو هوندو، ڪنهن زماني جي ڪنهن سهڻيءَ جي مٽي مان."

۽ هيءَ جان-بخش ٻوٽي، جنهن جي نفيس سبزي، اپري ٿي لب-درياه تي، جنهن تي جهڪيا ٻيلا آهيون،
آه، اچاتو جهڪ ان جي مٿان، جو ڪيرلو چالي ته ڪنهن جي،
خوبصورت لب منجهان اپري رهي آهي، آها ليڪي ليڪي؟

لٽيين جي جنگ بعد، جا سترهينءَ صديءَ ۾ يورپ جي سيني کان زياده خواريز جنگ هئي، اونهاري ۾ ميدان جنگ واريءَ زمين مان، جا ويهن هزارن جوڌن جي رت مان تربتر ٿيل هئي، لکين ڪروڙين ڏوڏيون ڦٽي نڪتيون؟ هڪ مسافر، جو الهيءَ سرخيءَ سان ڀريل، ٻي ٻاڦان ميدان ولان اڇي لانگهائو ٿيو هو، سو بيشڪ هيءَ خيال ڪري ٿي سگهيو ته ڏرتيءَ درحقيقت ٻنهنجي سيني اندر سمايل سوئن کي ٻاهر ڪڍيو هو، انهنءَ سوئن جو "عظيم بادگار ڏينهن" موسم بهار جي دوران ۾ مارچ جي اڌ ڌاري ايندو هو، جڏهن ٻهرياڻ گل ڦل ڏيڻ ٻيهندا آهن. ان وقت سوئن کي ٻنهنجين ٿبرن مان آڻي، گهڻين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو، گهرن؟ سندرن ۾ داخل ٿيڻ جي فضول ڪوشش ڪندو خيال ڪيو ويندو هو، جو انهن جاين جي دروازن وغيره کي اهڙن ٻي آرام روحن جي داخلا کان محفوظ رکڻ لاءِ نوڙين، خاردار ٻوٽن؟ ڏاڙهه سان بند ڪيو ويندو هو. انهيءَ تقريب جي ناليءَ جو مطلب، ظاهر ظهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ قدرتي نفسير مطابق، "گلن جو ميلو" ٿئي ٿو ؟ اهو ٿالو الهن سائن سوڻن جي مقصد سان بلڪل ٺهڪي اينڊو هو، جيڪڏهن الهيءَ موسر ۽ ويچارن روحن کي ڏڻڏ گلن سان گڏ، اڻهنجي تنگ گهرن سان رڙهي باهر اڪرائڻو خيال ڪيو ويندو هوندو. ان ڪري رينان جي نظريه ۽ سچ جو ڪجهه جزو شامل ڏي سگهي ٿو، جنهن انڊونس جي ٻوڙا ۽ خواب آلوده ؟ شهوتي خواهشات جي جوش سان پرين موت جو نظام ڏٺو هو، ؟ جنهن جو تصور "دهشت جي بادشاه" جي صورت ۽ ٺ، پر هڪ امڙي عيار جادوگر جي حيثيت ۽ ڪيل هو، جو اڻهنجن شڪارن کي دغا ؟ فريب سان پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري، الهن کي ابدي نند ڏيڻي چڏي ٿو. هن جو خيال هو ته لبنان ۽ قدرت جي بي انتها دارهائي الهيءَ قسر جي نفسالي غير حقيقت استدلال مذهبي جذبن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ذميدار آهي، جي درد ؟ لذت، نند ؟ ڪوڙهن جي درميان بي مقصد لامارا ڏيندا معلوم ٿين ٿا. موت جهڙي خالص ذاتي نظرياتي جي ٻوڙا جي ذميداري فقط شامي مزارعين جي متان مڙهڻ لاءِ هڪ حماقت ؟ غلطي ٿيندي. ان جي باوجود، هيءَ شايد حقيقت هجي ته الهن جي سادين دلين ۽ نباتات جي زندگي بخشيندڙ روح جو خيال مثل ماٿهن جي پوتن جي انتهائي حقيقت استدلال خيال سان ملي هڪ ٿيل هو، جڪي موسر اهار جي ابتدائي گلن، اناج جي نازڪ ؟ نفيس ساوڪ ؟ وڻ جي مختلف رنگن واري پور سان گڏ دوباره جيڻا ٿين ٿا. چنانچ، الهن جا نظرت جي موت ؟ دوباره زندگيءَ جي متعلق خيال، ماٿهوءَ جي موت ؟ وري جيڻي ٿين جي سندن نظرين، سندن شخصي نڪرن، آميدن ؟ خوفن جي رنگ ۽ رڳين هوندا. ساڳئي نموني سان اسان هن باري ۽ ڪو به شڪ نه ٿا ڪري سگهون ته انڊونس جي باري ۽ رينان جو نظريو، ذات خود سندس غيض و غضب جي يادگيرين جي رنگ ۽ رڳين هوندو. موت سان مشابهت رکندڙ خواب غفلت جي يادن جنهن لبنان جي لاهوتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود سندس اکين تي موت جي مُهر ٿيت ڪئي، ۽ انهيءَ ڏينهن جي ياد، جا ائبولس جي ملڪ ۽ اهڙيءَ گهريءَ نند ۽ ستل آهي، جو لال ۽ گلاب جي گلن سان گڏ وري ڪڏهن نه ايندار نه ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏيڀيهون

اڀرونس جا باغ

هن حقيقت جي بهترين ثابتي، ته اڀرونس نباتات، ۽ خصوصاً اناج جو ديوتا هو، شايد اڀرونس جي باغن مان، جيڪي ماڻهو انهن کي سڏيندا هئا، ملي رهي آهي. اهي باغ منڊي سان ويڪ ٽوڪرا يا برتن هوندا هئا، جن ۾ ڪڪ، جَوَ وغيره پوکيا ۽ ان ڏينهن تائين وڏا ڪيا ويندا هئا ۽ جن جي حفاظت خاص طرح عورتون ڪنديون هيون. سڄ جي ٽپش ۽ ٻاجي، اهي پوڻا هڪدم وڏا ٿي ويندا هئا ۽ ٻاڙن ۾ هڪ سبب اهي اوڙي ٿي لدر جلد سڪي سڙي ويندا هئا ۽ ان ڏينهن کان پوءِ ديوتا جا معتقد انهن پوٽن کي مرده اڀرونس جي مجسمن سان گڏ باهر ڪڍي وڃي سمنڊ يا چشمن ۾ اڇلائيندا هئا.

اڀرونس جا اهي باغ، بلڪل اطرتي طور، خود اڀرونس جا نمائندا يا سندس طاقت جا مظهر سمجهيا وڃن ٿا. اهي باغ سندس اصلي نوعيت مطابق، ساوڪ جي صورت ۾ ديوتا جي نمائندگي ڪندا هئا ۽ سندس مجسما، جن سان گڏ باغن کي باهر ڪڍي وڃي پاڻي ۾ اڇلايو ويندو هو، ان جي مابعد انساني صورت جو اظهار ڪندا هئا. جيڪڏهن انهي قياس ۾ آ صحيح آهيان ته پوءِ اڀرونس جي انهن سڀني رسمن جو مقصد، نباتات جي واڌ، يا ان کي ٽئين سر زائده ڪرڻ خاطر جادو جي ٽوڻ ۽ جنتر طور استعمال ڪرڻ جو هو ۽ اهو اصول، جنهن مطابق اهي جنتر گهربل اثر ظاهر ڪندڙ سمجهيا ويندا هئا، سو هم آهنگ يا لقال جادو جو هيو، چوته جاهل ماڻهو اڻين سمجهندا آهن ته انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثر جي نقل ڪرڻ سان، جنهن جي پيدا ڪرڻ جي ڪين خواهش هوندي آهي، اهي ان جي ظهور ۽ ڏيڻ ۽ درحقيقت مدد ڪن ٿا. چنانچه، ٻاڦ جو چڪاڻ ڪري اهي مينهن پيدا ڪن ٿا، ٻاه ٻاري آمن پيدا ڪن ٿا، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح، فصلن جي واڌ جو نقل ڪرڻ سان آهي پرپور لاباري جي اميد رکن ٿا. انڊوس جي باغن ۽ ڪنڪ ۽ جَوَن جي تڪڙي واڌ جو مقصد اناج جي فصلن کي جلد وڏي ڪرڻ جو هوو، ۽ باغن ۽ مجسمن جو ٻاڦيءَ ۽ اڇلائڻ، ڪيتيءَ جي واڌاري لاءِ مينهن حاصل ڪرڻ جو هڪ جنتر هو. جديد يورپ جي "موت" ۽ "ڪارنيوال" جي مجسمن کي ٻاڦيءَ ۽ اڇلائڻ جي متوازي رسمن جو مقصد ۽، منهنجي خيال موجب، ساڳيوئي هو. يقيناً، ساون ۾ سان ڏيکل مالهوءَ کي، جو بلاشڪ سبزيءَ جي شخصيت جو مظهر هو، ٻاڦيءَ سان ٻُساڻڻ جي رسم، اڄ ۽ يورپ ۽ مينهن حاصل ڪرڻ جي مخصوص مقصد لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي. ساڳيءَ ريت لاباري وقت آخرين وڏيل آنَ تي، يا انهيءَ مالهوءَ مٿان، جو اهو آن گهر ڪٽي ايندو آهي، ٻاڦيءَ اڇلائڻ جي رسم (اها رسم جرمنيءَ ۽ فرانس ۽ مروج آهي ۽ ڪجهه زمانو اڳي انگلنڈ ۽ اسڪاٽلنڈ ۽ ۾ ادا ڪئي ويندي هئي) ڪن جاين تي اينڊرَ سال جي فصلن لاءِ مينهن حاصل ڪرڻ جي خاص مقصد لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي. چنانچه، ولهيچيا ۽ ٽرانسلوانيا جي روماني نسل وارن لوڪن ۽، جڏهن ڪا چوڪري لاباري وقت آخرين وڏيل سنگن سان ٿهيل تاج گهر ڪٽي ايندي آهي، تڏهن ان سان جيڪي ٻ ماڻهو رستي ۽ ملندا آهن، سي جلدي جلدي مٿانئس ٻاڦي اڇلائيندا آهن ۽ گهر جي دروازي وٽ ٻ ڪڙمي نوڪر خاص الهيءَ ڪم لاءِ ٻُهاريا ويندا آهن، جو ته سندن اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويندو ته ٻئي سال جا فصل خشڪيءَ سبب سڙي ويندا. برشيا ۽ موسم بهار جي هر ڪيڙن ڪان ٻوءَ، جڏهن هاري، ۽ ٻيا بيج ٻوڪيندڙ ڏينهن ۽ ڪم ڪرڻ کان ٻوءَ شام جو گهر واپس ايندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ، تڏهن ڪڙمي جي زال ۽ سندس نوڪر مٽائڻ ٻاڻي ڇڙڪائيندا هٿ. هاري ۽ ٻوڪ ڪندڙ ان جو جواب هر ڪنهن کي ڏيڻ، ۽ ٻاڻي ۽ غوطن کارائڻ سان ڏيندا هٿ. ڪڙمي جي زال ڏاڍي ڏهيٽي آهي ڪارواڻي ڪان ٻاڻ کي بچائي سگهندي هئي، ۽ ٻئي هرڪنهن کي ٻاڻي ۽ غوطا کائڻا ٻوڌا هٿ. اها رسم ادا ڪري، آهي ٻيجي واري موسم لاءِ باقاعده طور مينهن حاصل ڪرڻ جي خاطري جي اميد رکندا هٿ.

هي راڻي ٿ انڊونس جا باغ ذاتي طور نباتات ۽ خاص طرح فصلن جي واڌ لاءِ جاوا جا جنتر آهن ۽ اهي جديد يورپ جي موسم بهار وارين لوڪ رسمن واري طبقي سان، جن جو مون ٻئي ڪنهن هنڌ بيان ڪيو آهي، وابسته آهن، پنهنجي ثابتي لاءِ محض پنهنجي ذاتي امڪان تي انحصار ٿو ڪري. خوش قسمتي سان اسين هي ڪاله ثابت ڪري سگهون ٿا ٿ انڊونس جا باغ (جيڪڏهن اسين اهو اصطلاح ان جي عام مفهوم ۾ استعمال ڪريون) اول ٿ هڪ قديم النسل قوم ٻيجي ڪرڻ جي وقت، ۽ ٻو ٻوڙي ڪڙمي وچ اونهاري ۾، اڃا ٿ ٻوڪيندا آهن ٿا. ٻنگال جي 'اوران' ۽ 'مونڊا' لوڻ ۾، جڏهن جانورن جي رولبي جو وقت قريب ايندو آهي، تڏهن نوجوان چوڪرن ۽ چوڪرين جو هڪ گروه ٻلي ۾ ويندو آهي ۽ اتان "ڪرما وڻ" يا ان جي هڪ ٽاري وڏي ڪٽي ايندو آهي. چوڪرن ۽ چوڪرين جو اهو ٽولو انهي وڻ يا ان جي ٽاري کي ناتجربڪار انداز سان ڪلهن تي ڪٽي، نچندو، گهائيندو ۽ دهل وڄائيندو ڪوٽ مولندو آهي ۽ ان کي ڪوٽ جي ناچ ميدان جي عين وچ ۾ کوڙيندو آهي. ٻوءِ وڻ کي قرباني ڏني ويندي آهي، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ٻنهي جنسن جا نوجوان ٻالهوڻ ٻالهن ۾ وڃي، هڪ وڏي دائري ۾ "ڪرما وڻ" جي چوڌاري، جنهن کي رنگ برنگ ڪپڙن جي اڳڙين، ۽ چوٽي وانگر ويڙهيل ٻلاڙ جي ٽڪاي ٻوڌن ۽ هارن سان سينگاريو ويندو آهي، خوب نچندا آهن. انهي تقريب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آياري" لاءِ ڪوٽ جي سگهه جون ڏيئرون جنهن جا ڇڇ هڪ مخصوص انداز ۾ پوکيندڙن آهن. ڇڇ کي آلي" ۽ واريائي" مٿي" ۽ هڪ خوشبودار ٻوٽي" جو ٻاڦ ۾ رسلائي پوکيو ويندو آهي، جنهن ڪري جنهن جا ان هلکي ايلي، يا سرخ رنگ جا نکرندا آهن. تقريب واري ڏينهن ڪوٽ جون چوڪريون آهي ان ٽوڪرن ۾ وڇي ڪوٽ جي ناچ ميدان ڏانهن ڪٽي ويندڙون آهن، جتي آهي "ڪرما وڻ" جي اڳيان بطور احترام سجدو ڪري، انهن مان ڪجهه ان ان جي اڳيان رکندڙون آهن. آخرڪار، "ڪرما وڻ" کي اتان ڪٽي وڃي ڪنهن ڪسي" يا تلاءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. جنهن جي انهن ان پوکي، ۽ ٻوءِ انهن کي "ڪرما وڻ" اڳيان پوءِ ڪرڻ جي معنيٰ ۽ مفهوم متعلق سوال ڪرڻ جي ڪا مشڪل ئي گنجائش آهي. وڻ کي ڦاسڻ جي واڌ لاءِ زود اثر سمجهيو ويندو آهي ۽ خود مذڪور قومن — مونڊن ۽ منڊارين — ۾ "هڙي" جي ديوتائن کي ڦاسڻ جي واڌ لاءِ ذميدار سمجهيو ويندو آهي". ان ڪري، جڏهن رونبي جي وقت مونڊا قوم جا ماڻهو وڻ وڍي ڪٽي ايندا آهن ۽ ان جو ايتري قدر احترام ڪندا آهن، تڏهن انهن جو مقصد فقط جالورن جي تيز واڌ جوئي هوندو، جن کي اهي ان وقت هڪ هنڌان ٻئي ٻئي هنڌ هٽڻ وارا هوندا آهن، هوڏانهن وري جنهن جي ان کي ٽهڙي" سان جمائڻ ۽ بعد ۾ انهن کي وڻ جي اڳيان پوءِ ڪرڻ جو مقصد ۽ شايد ان کي ڦاسڻ ڏانهن سندس فرض جي ياد ڏهاري ڪرائي، ۽ ان جي ڪارڪردگي" ۽ نباتات جي اهڙي" ظاهر ظهور تيز واڌ جي ذريعي عجلت آڻي جو هوندو. "ڪرما وڻ" کي ٻاڦ" ۾ اڇلائڻ جي معنيٰ سمجهڻ وساڻ جي ٽوٽي جي ڪيڏ گهرجي. اهو ڪوڙ بڏايو ويو آهي ته جنهن جا ان ۽ ٻاڦ" ۾ اڇلايا ويندا آهن يا نه، ۽ جيڪڏهن انهي" رسم جي جيڪا سون معنيٰ ڏني آهي، سا صحيح آهي، ته ٻوءِ اڄ ئي ڪيو ويندو هوندو. انهي" اينگالي رسم ۽ انڊونس جي يوناني رسمن ۾ فرق رکو هي" آهي ته اول الذڪر حالت ۾ وڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح جو اظهار ان جي اصلوڪي صورت، يعني خود وڻ جي وسيلي سان ڪيو وڃي ٿو، حالاڪ اڏبولس جي ٻوجا ۽ ان جي نمائندگي انساني صورت ۾ مثل ماڻهوءَ جي وسيلي ڪئي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ ان جي لبانياتي حيثيت کي اڏبولس جي باغن ذريعي واضح ڪيو وڃي ٿو جيڪي ٽي، ان جي اصلوڪي وڻ جي روح واريءَ طاقت جا ثانوي مظهر آهن.

اڏبولس جا باغ هندو ۽ ظاهري طور، ڏرتيءَ ۾ انسان ذات جي آبادي حاصل ڪرڻ جي مقصد سان ٻوکيندا آهن چنانچہ، راجپوتانا ۽ اڏيپور وٽ سکر ۾ سڻائيءَ جي ديويءَ گوري يا ايساڻيءَ جي اعزاز ۽ هڪ تقريب ملهائي ويندي آهي. الهيءَ رسم جا ساٺ ۾ سڳن ان وقت شروع ٿيندا آهن، جڏهن سورج "ڪهيڙن جي نشان" ۽ داخل ٿيندو آهي، جا هندن جي سال جي ابتدا هوندي آهي. گوري ديويءَ جو مجسمو ۾ سندس مڙس، ايسورا جو هڪ ننڍو بت، مٽيءَ مان ٺاهيا ويندا آهن ۾ ٻوءَ ٻنهي کي هڪ ٻئي جي ڀاسي ۽ رکيو ويندو آهي. ان کان ٻوءِ، هڪ ننڍي ٿالي ڪوٺي، آن ۽ جَوَ ٻوکيا ويندا آهن ۾ جيڪي بج ڪٺندو آهي، تيسين آن کي مصنوعي طور ٻاڦي ۾ گرمائش ڏني ويندي آهي، جنهن کان ٻوءِ عورتون هٿن ۽ هٿ ملائي ان جي چوڌاري نچنديون ۾ ٻنهنجن مڙسن لاءِ گوري ديويءَ کان دعائون ٻڌنديون آهن. ان کان ٻوءِ، عورتون ڪڇي آڻ جا ٽانگا ڪٽي مردن ۽ تقسيم ڪنديون آهن، جي انهن کي ٻنهنجن ٻڪن ۽ وڃي ڇڏيندا آهن. انهن سان مردن ۽ جَوَ ۽ تقسيم ڪرڻ ۾ عورتون جون ٻنهنجن مڙسن لاءِ ڪيتريون جون دعائون ٻڌن، صاف اشارو ڪن ٿيون تہ انهيءَ رسم جي ادائگيءَ جي مقصدن مان هڪ، اولاد حاصل ڪرڻ جو آهي. مدراس ۽ ڪڇ جي برهمڻ جي شاديءَ وقت اڏبولس جي باغن جي استعمال مان ۽ شايد ساڳيوئي مقصد واضح ٿئي ٿو. پنجن يا ڏهن قسمن جا مختلف بج ملائي، مٽيءَ جي ٿانون ۽ ٻوکيا ويندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جي خاص ان موقعي لاءِ ناهيا ويندا آهن ۽ انهن ۾ مٽي پري ويندي آهي. ڪنوار ۽ گهوٽ، پٽي گڏجي چئن ڏينهن ناڻن، صبح ۽ شام انهن کي پاڻي ڏيندا آهن ۽ پنجين ڏينهن ٻي انهن ڪڇڙن سڪن کي اڏوئس جي سڄن ڄڻن باغن واڳر ڪنهن تلاءَ يا ندي۽ ۾ اڇلايو ويندو آهي.

سارڏينهن ۾، اڏوئس جا باغ "وچ اونهاري" واري وڏي ڏڻ جي موقعي تي، جنهن کي سينٽ جان جو تالو ڏڻ آهي، اڃا تائين ٻوکيا ويندا آهن. مارچ جي آخر ۾، يا اپريل جي ڏهاڙن ڏينهن تي، ڪوٽ جو هڪ نوجوان ڪنهن چوڪري۽ وٽ حاضر ٿي، کيس سندس "ڪومپئر" (گپ شپ هٽندڙ يا محبوب) ٿيڻ لاءِ عرض ڪندو آهي ۽ ساڳئي وقت هو پاڻ ان چوڪري۽ جي "ڪامپئر" ٿيڻ جي درخواست ڪندو آهي. چوڪري۽ جي خاندان وارا الهي۽ دعوت کي هڪ اعزاز سمجهي، ان کي خوشي۽ سان قبول ڪندا آهن. مٽي مهيني جي آخر ۾ چوڪري 'ڪارڪ' وٽ جي چوڏي ماڻ هڪ برتن ٺاهي، ان کي مٽي۽ سان پري، سنجهس ڪڪ ۽ جَوَن جو ٻڪ پري ٻوکيندي آهي. برتن کي آس ۾ رکڻ ۽ ان کي بار بار پاڻي ڏيڻ سان اناج تمام تيزي۽ سان ڦٽي ويندو آهي ۽ "ميسمر ابو" (سينٽ جالس ابو، ٢٣ جون) تائين اهو چگو وڏي ويندو آهي. ان کان پوءِ، ان برتن کي "ارمي" يا "نيپري" سڏيو ويندو آهي، "سينٽ جان" واري ڏينهن اهو نوجوان ۽ چوڪري پنهنجا بهترين ڪپڑا پائي، هڪ وڏي۽ سرڪاس سان، جنهن جي اڳيان ننڍا بار لڙندا، ڪڏندا ۽ رانديون ڪيڏندا هلندا آهن، ڪوٽ جي باهران واقع ديول ڏانهن ويندا آهن. اتي پوڄي، آهي الهي۽ برتن کي ديوي۽ جي دروازي سان هٽي، ٽوڙيندا آهن. ان کان پوءِ، اهي سڀئي هڪ حلقو ٻڌائي، گاءِ ۽ وڄي رهندا آهن ۽ نصرن جي موسيقي۽ جي مڌن سُرن جي وچ ۾ آڻا ۽ سايون پوٽيون ڪائيندا هٽاءِ، پيالي ۾ شراب اوتي، ان کي حاضرين ۾ ڦيرايو ويندو آهي، جي سڀئي ان سنجهان سرڪي پيرندا ويندا آهن. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان بعد، اهي هٽ ملائي "سينٽ جان جون محبوبائون" (ڪامپيٽر اي ڪوميٽر ڊي سٽن گيٽووالي) ڪائيندا رهندا آهن ۽ گيٽ جي دوران ۽ بنسريون وڄندڙون رهندڙون آهن. ڪائيندي ڪائيندي، جڏهن اهي ٽڪجي پوندا آهن، تڏهن اهي الي ايندا آهن ۽ هلڪو ناهي شام تائين اڇندا ۽ موج ۽ مزا ڪندا رهندا آهن. اها ساريءَ جي هڪ عام رسم آهي. اوڙيڙي ۽ جڪا ساڳي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، تنهن جون ڪي مختلف خاصيتون آهن. مثي مهيني ۽ "ڪارڪ" جي چوڏي ڏان هڪ ڪوڏي ناهي ويندي آهي ۽ ان ۽، جيئن اڳئي مثي ذڪر ڪري آيا آهيون، الاڄ پوڪيو ويندو آهي. پوءِ "سينٽ جان ايو" تي درين جي چوڪاڻن ڪي ڏيڻي ڪپڙن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ انهن تي آهي سينگاريل ڪوڏيون رکيون ويندڙون آهن، جن ڪي ڏرمزي ۽ نيلي رنگ جي ريشمي ڪپڙن ۽ رنگا رنگي ربنن سان سينگاريو ويندو آهي. اڳين ڏينهن ۽ انهن ڪوڏين ڏان هرهڪ ۽ هڪ ننڍڙو مجسمو يا ڪپڙي جي ٺهيل گڏي، جنهن کي زنار، ڪيڙا يا ايا ويندا هئا، يا ڪنهن ڪوٽل شئي ڏان "ڀرپاس" جهڙي صورت ناهي، رکي ويندي هئي ۽ اها رسم ڪليسا جي سخت مخالفت سبب هينئر مروج ڪانهي. ڪوٽ جا بانڪا ٽوليون ناهي، ڪوڏين ۽ انهن جي سينگار کي ڏسڻ ۽ چوڪرين لاءِ انتظار ڪرڻ ويندا آهن، جي الهي تفريح ملهائڻ لاءِ ڪوٽ جن چوراهي وٽ جمع ٿي ايندڙون آهن. الهي جاه تي ٻاه جو هڪ وڏو مڇ ٻاريو ويندو آهي، جنهن جي چوڌاري اهي اڇندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. جن چوڪرين کي "سينٽ جان جون محبوبائون" ڏين منظور هوندو آهي، سي هيٺ ڪندڙون آهن: نوجوان چوڪرا ٻاهر جي مڇ جي هڪ طرف ۽ چوڪريون، ٻئي طرف ايندڙون آهن ۽ اهي هڪ ڊگهي لٽ کي ٽي دلعا تمام تيزيءَ سان ٻاه مان اڇڻي ۽ ٻلهي ڪندا آهن ۽ ان جي هڪ چوڙي کي اهڙي لهوڻي سان ڪڙيندا آهن، جو الهن کي ٽي مرڻ ٻنهنجا هٽ جلدي جلدي ٻاه مان لٽڪهاڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولندا آهن. بس، الهيءَ طرح هنن جي باهمي تعلق تي مهر لڳل آهي ۽ ويندي آهي. راڪٽ ۽ ناچ رات جو دير تائين هلندا رهندا آهن. ساريءَ جي انهن الاچ جي ڪوندين جي مشابهت اٽڪل جي باڻن سان مڪمل معلوم ٿئي ٿي ۽ اوائلي وقت ۾ منجهن جنگي مجسما رکيا ويندا هئا، سي اٽڪل جي الهن ٻڌن جو جواب آهن، جي سندس باڻن سان ڳڏ ڪيا ويندا هئا.

ساڪٽي قسم جون رسمون مسليءَ جي ٻيٽ ۾ ۽ ساڪيءَ موسم ۾ ادا ڪيون ويندڙون آهن. چوڪرن ۽ چوڪرين جا جوڙا سينٽ جان واري ڏينهن تي هڪ ٻئي جي متن سان هڪ هڪ وار ڇني، مثالڪس مختلف قسمن جون عجيب و غريب رسمون ادا ڪري، سينٽ جان جا "ٻچار ڪندڙ" ٿيندا آهن. چنانچه، اهي الهڻ وارن کي هڪ ٻئي سان ٻڌي، هوا ۾ مٿي اڇلائيندا آهن، يا وري الهڻ وارن کي ڪريءَ مٿان جهلي، هڪ ٻئي سان بدل سدل ڪري، بعد ۾ الهيءَ ڪريءَ کي ڏ ڪندا آهن ۽ منجهائڻن هرهڪ ڇڙ ٻنهنجي ڪر کي ڏاڍي احتياط سان سنياليندو آهي. الهيءَ ٻوڙن نموني سان جيڪو عقد ٿي ويندو آهي، تنهن کي سچي حياتيءَ تائين قائم سمجهيو ويندو آهي. مسليءَ جي ڪن علاقن ۾ سينٽ جان جا "ٻچار ڪندڙ" ٻوڪيل الاچ ۽ ڪن ٻين پاڇين وغيره جي ملن سان پريل ٽالهيون هڪ ٻئي کي ٻيش ڪندا آهن، جي الهيءَ ڏڻ کان چاليهه ڏينهن ٻيشتر ٻوڪيا ويندا آهن. جيڪو ۽ مرد يا جيڪا ۽ عورت اهڙي ٽالهي هٿ ۾ ولندي آهي، سا منجهس رکيل تازن ٻوڙن سان هڪ سلاوٽي، ان کي ڪهڙي جي الهيءَ ۽ وڙهي، ٻنهنجين سيني کان وڌيڪ ٽهتي ۽ ٻارين شين ۾ محفوظ ڪري رکندي آهي ۽ اها ٽالهي ٻيش ڪندڙ کي واپس ڏينديِ آهي. ڪٽاليا ۾ لهي "ٻچار ڪندڙ" هڪ ٻئي کي وڏن بادرلنگن جي ولين سان ٻوڪيل ٽالهيون ڏينديا ۽ ولندا آهن. چوڪرين الهن ولين کي وڏو ڪندين آهن ۽ بادرلنگ، جيڪي جيڪي وڏيڪ ٽلها ٿيندا ويندا آهن، تيئن تيئن الهڻ جو زياده قدر ۽ قيمت ڪٽي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارڊينيا ۾ مسلي" جي انهن "وچ اونهاري" جي رسمن ۽ ممڪن آهي ته، مسٽر آر-وولش جي راءِ موجب، الڊولس جي جڳهه، سينٽ جان ورتي هجي. ايسين ڏسي آيا آهيون ته تموز يا الڊولس جا ساڻ سون گهٽو ڪري وچ اونهاري ڏاري ادا ڪيا ويندا آهن، جيروم مطابق، انهن جي ادائگي" جي تاريخ جون جي مهيني ۾ هوندي هئي.

مسلي" ۽ الڊولس جا باغ بهار ۾ اونهاري ۽ اڃا ۽ ٻوڪيا ويندا آهن، جنهن سان اسان شايد هي قياس ڪري سگهون ٿا ته مسلي ۾ شام ۽ تمام اوائلي زماني ڪان ولي مثل، ۾ وري زنده ٿيل ديوتا جي موسم، بهار ۽ هڪ تقريب ملهائي ويندي هئي. ايسٽر جي قريب اچڻ تي، مسلي" جون عورتون ٽالهين ۽ ڪڪ ۾ پاڻهين جا بيج ٻوڪي، انهن کي اونداهي" جاه تي رکنديون آهن، جنهن کي اهي هر ٻئي ڏينهن پاڻي ڏينديون آهن، ٻوڻن جا ڏاڻا ڪاڙهين رهڻ سان ٻڌا ويندا آهن، ۽ اهي ٽالهيون، جن ۽ ٻوٽا ٻوکيل هوندا آهن، اهڙن مقبرن مٿان رکيون ويندڙون آهن، جي مرده مسيح جي مجسمن سان گڏ، گبڙائيندي* ڏينهن تي ڪٽوڪ ۾ يونالي گرجائن ۽ ٻلڪل اهڙي" طرح ناهيا ويندا آهن، جهڙي" طرح الڊولس جا باغ مرده الڊولس جي قبر مٿان ناهيا ويندا هئا. اها رسم فقط مسلي" تائين محدود ناهي. ڇو ته، اها ڪٽلاريا ۽ ڪوسينٽرا وٽ ۾ شايد ٻين هنڌن تي ۽ ادا ڪئي ويندي آهي. اها سڄي رسم—مقبرا ۾ تازي آن" جي ساون ٻوڻن سان ڀريل ٽالهيون—ڏي سگهي ٿو ته ٽئين ٽالي سان الڊولس جي ٻوڙا کان علاوه، ٻيو ڪجهه ۽ نه هجي.

فقط مسلي" ۽ ڪٽلاريا جون ايسٽر واريون رسمون ڏي الڊولس جي سائن سان مشابهت رکنڌڙ ڪينهن. "گبڙائيندي" جي سڄي ڏينهن جي دوران ۽ يونالي ديوتا جي وچ ۽ مرده

* ايسٽر جي تقريب اچڻ کان اڳ آخرين جمعي وارو ڏينهن، جنهن تي حضرت مسيح جي وفات ملهائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسيح جو سڀ مان اهيل مجسمو عام ماڻهن جي ڏس لاءِ کولي رکيو ويندو آهي، ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن جا حشام ان کي چمين ڏيندا آهن ۽ سڄي ديول درد ڀريل مرثين جي آواز سان گونججي ويندي آهي. شام جو تمام دير سان، جڏهن اونداهه ٿي ويندي آهي، تڏهن پادري سڀ جي الهيءَ مجسمي کي ڏولي ۽ رکي، ان کي لڳن، گلاب جي گلن، ياسمين ۽ ٻين گلن سان سينگاري ۽ ناهي باهر گهڻين ۽ ڪٽي ويندا آهن، جنهن کان پوءِ بيشمار ماڻهو، جي هڪ ٻئي پٺيان قطار در قطار، آهستي آهستي قدم ملائيندا هلندا آهن، هڪ شاندار جلوس جي شڪل ناهي ٽڪرندا آهن، ۽ پوءِ اهي سڄي شهر جو چڪر هڻندا آهن. هرهڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هڪ بت هوندو آهي ۽ هو دردناڪ آواز ۾ ماتم سرائيءَ ۾ مشغول هوندو آهي. جن گهرن وٽان جلوس لنگهندو آهي، تن جي باهران عورتون ڏوپ ۽ وڻ جا برتن جهلي، جلوس وارن کي ان جي خوشبوءَ ۾ جاڻ لاءِ تيار ٿيون هونديون آهن. چنانچ، اها قوم نهايت سنجيدگيءَ سان پنهنجي مسيح کي اهڙيءَ طرح دفن ڪندي آهي، جن ۾ هو عين آن وقت فوت ٿيو آهي. آخرڪار، سڀ جي الهيءَ مجسمي کي وري ٻ ديول ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ساڪهائي دردناڪ آلاپ ٻئين سر شروع ڪيا ويندا آهن. غم سرائيءَ جو اهو سلسلو، جنهن سان گڏ روزا ۽ ڏاڍيءَ سختيءَ سان رکيا ويندا آهن، چنڊ جو اڌ رات تائين هلندو آهي. جيئن ئي گهڙيال ٻارهن جا ڏڪ هڻندو آهي، تيئن ئي پادري اچي پرگهٽ ٿيندو آهي ۽ خوشخبريءَ جو اعلان ڪندو آهي ته "ڪرست (حضرت عيسيٰ) اڀيو آهي"، جنهن ٿي حاضرين جواب ڏيندا آهن ته "هو بيشڪ اڀيو آهي". اڀن چوڌاري ٿي سڄو شهر يڪ آواز ٿي، ۽ ڪلا ڦاڙي خوشيءَ جا نعرا بلند ڪندو آهي ۽ سان ئي ٻنڊوڻن، توپن ۽ هرقسم جي ٽناڪن جو هڪ اڻ ٽوٽ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي. هڪ ٿي ڪلاڪ اندر ماڻهو ڏاڍ ڪشيءَ جي انتهائي حد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٿي، ايستر جي رڍ ۽ شراب ناب جي مزن تائين پهچي ويندا آهن."

ساڳئي لموني سان ڪنٽولڪ ڪليسا ۾ "نجات ڏينڙ" جي موت ۽ مابعد زندگيءَ جي رسم ڪي بلڪل واضح لموني ۽ ٻنهنجن معتقدن جي اڳيان پيش ڪندي آئي آهي. اهڙا مقدس ڊراما، جن کي ڪنٽولڪ فرقي جي ظاهري شان ۽ شوڪت ۽ ٽمٽ، * ٽيوٽانڪ لوڻن جي زياده سرد طبيعت جي مقابلي ۾ زياده جاذب بڻايو آهي، سي يورپ جي ڏاڪڻين جذباتي قومن جي چست ۽ چوٻند تخيلات تي لٿن ڇڏن، ۽ سندن جذبات کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ زياده موزون ۽ اوريءَ طرح لهڪندڙ آهن.

جڏهن اسين هن ڳالهه تي غور ڪريون ٿا ته ڪليسا وارڻ بت پرستيءَ جي ڊرائيءَ منّيءَ ۽ ٽئين مذهب جي ٻڌن کي ڪهڙيءَ ٽر حرڪتبازيءَ ۽ عياريءَ سان بار بار ٽئين رنگ ۽ ڍنگ ۽ اوکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن هيءَ حقيقت قابلِ قياس معلوم ٿئي ٿي ته انڊونس ديوتا جي موت، ۽ ٽئين سر جيڏي ٽين جي قديم رسم کي، جا دستياب ٽيل شهادتن مطابق، ساڳيءَ موسم ۽ شام جي مندرن ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، ايستر ۽ ادا ٽيندڙ مسيح جي موت، ۽ مابعد زندگيءَ جي هڪ جهڙيءَ رسم جو ٻوند لڳايو ويو آهي. يوناني مصورن جنهن طريقي سان لٿيءَ ماتر زده ديوءَ جي مجسمي جي تخليق ڪئي آهي، جنهن ۾ هوءَ ٻنهنجي قريب‌المرگ محبوب کي آغوش ۾ جهلي ويٺي آهي، سو عيسائي مصوريءَ جي "پالتا" طريقي سان مشابهت رکي ٿو ۽ ممڪن آهي ته "ڪنواريءَ" جي گود ۽ سندس "خدائي پٽ" جو لاش ڏيڻي، لٿيءَ تصوير جو بنياد يوناني مصوريءَ تي رکيو ويو هجي. ان جو عملي ۽ مشهور و معروف مثال، سينٽ پيٽر جي گرجا ۾ رکيل ميڪائيل اينگيلو جي تصوير آهي. تصويرن جو. اهو شاندار مجموعو، جنهن ۾ ماءُ جي غمگينيءَ کي، پٽ جي

* اڪثر يورپ ۽ خصوصاً جرمنيءَ ۾ رهندڙ قومن جو نسل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثان چائيل موت جي غنودگيءَ سان اهڙي حيرت انگيز نموني سان مقابلي ۽ بهاريو ويو آهي، سو سنگ مرمر ۽ مصوريءَ جي بهترين شاهڪارن مان هڪ آهي. قديم يوناني مصوريءَ انهيءَ جهڙو خوبصورت، يا آن کان زياده مغموم نظر ايندڙ کو هڪ به شاهڪار اسان لاءِ ورثي ۽ ڪوءِ ڇڏيو آهي.

ان باري ۽ جيروم جو هڪ مشهور و معروف بيان اهميت کان خالي ن ٿيندو. هو چوئو ته "آقا" جو روايتي جنم گهر، بيت اللحم، شام جي انهيءَ اڃا ب زياده قديم "آقا" الڊونس جي هڙيءَ جي زير ساءِ هو ۽ جنهن جاءِ تي معصوم مسيح رلو هو، اتي وينس ديويءَ جي محبوب جو ماتم ڪيو ويندو هو." معلوم ٿئي ٿو ته جيروم جو خيال هو، جيتوڻيڪ هو صاف الفاظ ۽ اڻين ظاهر نه ٿو چوي، ته بت پرستن مسيح جي جنم کان پوءِ انهيءَ مقدس مقام کي ناپاڪ ڪرڻ لاءِ الڊونس جي هڙي ٻوکي هئي. انهيءَ ڪاڻ، ۽ هو غلط ب نٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن الڊونس، درحقيقت اناج جو ديوتا هو، جيئن مون هن کان اڳ دليلبازي ڪئي آهي، ته پوءِ هن جي جاءِ لاءِ بيت اللحم، "مانيءَ جو گهر" کان زياده موزون ٻيو ڪو ٿالو مشڪل ملندو ۽ امڪان آهي ته هن جي "مانيءَ جي گهر" ۽ "انهيءَ" جي مبعوث ٿيڻ کان صديون اڳ، جنهن جيو هو ته "آءٌ ئي زندگيءَ جي مالي آهيان" سندس پوڄا ٿيندي هئي. توڙي هيءَ ب ڪٿي فرض ڪجي ته الڊونس مسيح کان اڳي نه، ۽ پوءِ آيو هو، ته ب جڏهن اسين پنهي جي انهن سائن جي هڪجهڙائيءَ تي ڪجهه غور ڪريون ٿا، جن سان سندن موت ۽ ٿيڻ جنم جون تقريبون ملهايون ويندیون هيون، تڏهن هيءَ حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي ته عيسائين جي ايمان ۽ ڪتر وجهڻ لاءِ الڊونس جي غمزده تصوير جو انتخاب بلڪل موزون هو. ٿيئن ديوتا جي پوڄا جي تمام قديم مرڪزن منجهان انطاڪيه هڪ هو ۽ انطاڪيه ۽ ٿي، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، ٻرائي ديوتا جو موت هر سال نهايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجيدگيءَ سان ملهايو ويندو هو. اڏبولس جي تقريب ملهائڻ وقت، شهنشاه جولين جي ان شهر ۾ داخل ٿيڻ تي، جيڪو هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو هو، تنهن سان شايد الهيءَ تقريب جي تاريخ تي ڪجهه روشني پوي. جڏهن شهنشاه جي سواري شهر جي ويجهو پهتي، تڏهن عام ماڻهن سندس آڇيان اهڙين دعائن سان ڪئي، جن تي هو ڪو ديوتا هو ؟ هو ماڻهن جي وڏي هجوم جي آواز تي حيران ٿي رهيو هو، جي وڏي آواز سان چئي رهيا هٿا ته مشرق سان مٿن هڪ نجات جو تارو اڀريو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهي الفاظ رومي شهنشاه جي شان ۾ نياز ؟ نڙت ڪندڙ مشرقي لوڻن جي واتان قصيدي طور ادا ٿيا هجن، ۽ هيءَ ممڪن آهي ته اڏبولس جي تقريب جو وقت هميشه هڪ جهڪدار تاري جي طلوع ٿيڻ سان مقرر ڪيو ويندو هجي ؟ تسمت سانگي عين ان وقت، جڏهن شهنشاه جي سواري شهر ۾ داخل ٿي رهي هئي، تڏهن اهو تارو مشرقي آفق مان جلوه افروز ٿي رهيو هو. اهڙو اتفاق، جيڪڏهن درحقيقت اهو رونما ٿيو هو، وهم پرست ؟ جذباتي هجوم جي تصور ۾ هيجان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، جنهن تي الهيءَ هڪ عظيم انسان جي آڇيان الهيءَ ديوتا جي حيثيت ۾ ڪئي هجي، جنهن جي اچڻ جو اعلان آسماني نشان وسيلي ٿيڻو هو. ۽ هيءَ ۽ ٿي سگهي ٿو ته شهر جا ماڻهو، جن واڪن ؟ رڙين سان تاري کي مخاطب ٿي رهيا هٿا، تن کي شهنشاه محض غلطفهميءَ ڪاڻ پنهنجي طرف آڇيان طور منسوب ڪيو هجي. اڏبولس جي محبوب ديويءَ، اسٽارٽ کي زهرا سياره سان شناخت ڪيو ويندو هو ؟ زهرا گره جي صبح جي تاري سان ڏري، شام جي تاري ٿيڻ واريءَ تبديليءَ کي ڄاڻڻ جا منجهه نهايت احتياط سان جاچيندا رهندا هٿا ؟ اهي ان جي واري ولڻيءَ سان ظاهر ؟ غائب ٿيڻ سان ائين فال ڪيندا هٿا. جنانچه، اسين هيءَ قياس ۾ ڪري سگهون ٿا ته اڏبولس جي تقريب جو وقت هميشه اهڙو مقرر ڪيو ويندو هو، جو اهو زهره جي صبح يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جو تارو ڦي ظاهر ٿيڻ سان ٿهڪندو هو. ۽ اٽڪل جي
ڀريپ وقت مشرق جي ماڻهن، جنهن تاري جو استقبال ڪيو هو،
سو مشرق ڀان اڀريو هو، تنهنڪري جهڪڙهن اهو زهره هو،
ته ان صورت ۾ اهو فقط صبح جو تارو ٿي ٿي سگهي ٿو. شام ۽
اثناڪ وٺ، جتي اُسٽارٽ ديوي جو هڪ مشهور مندر هو،
اتي ديوي جي سائن سوڻن شروع ڪرڻ جو شهاب ثاقب جي چمڪ
ڀان اشارو ورتو ويندو هو، جو هڪ ڏينهن لبنان جبل جي چوٽي تان
ظاهر ٿي، هڪ ڪرندڙ ستاري‌وانگر، اٽڪل درياه ۾ وڃي ڪريو هو،
الهي شهاب ثاقب کي خود اُسٽارٽ ديوي، ۽ ان جي هوا ڀان رواز
ڪي، قدرتي طور، الهي محبت جي متوالي ديوي جي ٻهنجي عاشق
جي آغوش ۾ لهڻ سان منسوب ڪيو ويندو هو. الطاڪ، ۽ ٻين
سيني هنڌن تي، تقريب واري ڏينهن صبح جو تاري جي ظهور
کي ۽ ساڳي طرح شايد محبت جي ديوي جو ظهور سمجهي،
جا ٻهنجي عاشق کي ان جي خاڪي استري ڀان بيدار ڪرڻ
لاءِ آئي هوندي، ان جي آجيان ڪئي ويندي هوندي. جهڪڙهن
اٽين هو، ته اوه اسين هي تمام ڪري سگهون ٿا ته اهو صبح
جو ستارو هو، جنهن مشرق جي سائن جي ايت‌الحر جي الهي
مقدس ۽ منور مقام ڏانهن رهبري ڪئي هئي، جن جهڙوم جي
زبان ۾، معصوم مسيح جي روئڻ ۽ اٽڪل لاءِ شاپي جا آواز
بڌا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏيهون

اڀيس جي ڏنڊڪٿا ۽ ان جا سڀ سڳن

انهن ديوتائن مان، جن جي خيالي موت ۽ ٿئن جنم اولهه ايشيا جي اعتقاد ۽ رسم و رواج ۽ اهڙين پختين پاڙون پکڙيون، تن مان اڊونس ڪان پوءِ، ٻيو اڀيس هو. شام ۽ جڪا حيثيت اڊونس جي هئي، سا فرائيگيا ۽ اڀيس جي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته اڊونس وانگر هو به آبادي جو ديوتا هو ۽ هن جي موت ۽ دوباره جنم تي هرسال موسم بهار ۽ ماتم ڪيو ويندو هو ۽ خوشي ملهائي ويندي هئي. انهن ٻنهي ديوتائن جون ڏنڊڪٿائون ۽ سڀ سڳن ايتري قدر ته هڪ جهڙا هئا، جو خود قديم زماني جا ماڻهو ۽ ڪين هڪ ٻئي سان شناخت ڪندا هئا. چوو وڃي ٿو ته اڀيس هڪ خوبصورت نوجوان ريڍار يا ڏنار هو، جنهن سان ديوتائن جي ماءُ "سيبل"، جا آبادي جي عظيم ايشيائي ديوي هئي، ۽ جنهن جو مڪي مرڪز فرائيگيا ۾ هو، محبت ڪندي هئي. ڪي چوندا هئا ته اڀيس ان جو پٽ هو. هن جو جنم ۽ ٻن ڪهڻ ديوتائن وانگر، ڪراماتي هو. سندس ماءُ "نانا"، هڪ ڪنواري چوڪري هئي، جنهن پنهنجي چاتي ۾ هڪ ڪل بادامي يا ڏاڙهون رکيو ۽ حامل ٿي ٿئي. فرائيگيا وارن جي تخليق عالم جي نظريي مطابق، بادام ڪي سڀني شين جو اڀرسمجهيو ويندو هو، اهو شايد هن ڪري، جو ان جا نازڪ گلابي گل، خالي ۽ خشڪ ٽارين تي ٿن جي ڪل ڪان اڳ نمودار ٿي، موسم بهار جا پهريان لقيف ٿابت ٿيندا آهن. ڪنوارين ماڻن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا قصا انهيءَ دور جي پاراڻي لاعلميءَ جا يادگار آهن، جڏهن ماڻهن ايڏا ڪنهي جنسن جي باهمي صحبت کي اولاد پيدا ٿيڻ جو سڄو ڀيڙو سبب تسليم نه ڪيو هو. "اتيس" جي موت متعلق ٻ مختلف روايتون مروج هيون. هڪ روايت مطابق، هن کي انڊوس واڪر، هڪ جهنگلي سوئر ماريو هو. ٻي روايت مطابق، هن "پائين" جي وڻ هيٺان ويهي، پنهنجا مردانہ مخصوص عضوا وڍي، پاڻ کي نامرد بڻايو هو، جنهن ڪري هو آڻي جو آڻي گهٽي رت وهائڻ سبب مري ويو هو. اها پوئين روايت ويسينس علائقي جي رهاڪن جي آهي، جو "سيبل" ديويءَ جي پوڄا جو هڪ وڏو مرڪز هو. انهيءَ سڄيءَ روايت تي، جنهن جو هيءَ ڪالهه هڪ حصو آهي، وحشيپڻي ۽ بي ڊولائيءَ جا اهڙا نشان ڇنيل آهن، جن مان ان جي قديم دور جي وجود جي ثابتي ملي رهي آهي. ٻئي قصا رسم و رواج جي حمايت جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا، يا ممڪن آهي ته، انهي ٻئي روايتون ڪن اهڙين رسمن جي سمجهاڻي مهيا ڪرڻ خاطر گهڙيون ويٽون هجن، جي ان وقت جا پوجاري ادا ڪندا هٿا. ظاهر آهي ته اتيس جي پاڻ کي نامرد بڻائڻ واري ڪالهه، سندس پوجارين جي پاڻ کي نامرد بڻائڻ واريءَ رسم جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش آهي، جي ديويءَ جي خدمت ۾ داخل ٿيڻ تي باقاعده طور پنهنجا خصيہ وڍائي ڇڏيندا هٿا. سوئر جي هٿان سندس موت جي روايت، هن رسم کي سمجهائڻ لاءِ ايجاد ڪئي ويئي هوندي ته سندس پوجاري، خاص طرح ويسينس جا رهاڪو، سوئر کائڻ کان ڇو پرهيز ڪندا هٿا. ساڳيءَ طرح، انڊوس جا پوجاري ۽ سوئر جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا هٿا، جو سندن ديوتا کي سوئر ماريو هو. جيو وڃي ٿو ته موت کان پوءِ اتيس کي "پائين" وڻ ۽ تبديل ڪيو ويو هو.

رومين قرائيگيا واريءَ "ديوتائن جي ماءُ" جي پوڄا ۲۰۴ سال قبل از مسيح واري زماني ۾ اختيار ڪئي هئي، جڏهن هننيبال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سندن طويل جدوجهد وارو زمانو ختم ٿي رهيو هو. جو ٿي سندن شڪست خورده دلين ۾ عين وقت تي اهڙي" پيشينگوئي" سبب خوشي" جي لهر ڊوڙي ويئي هوندي، ان جا سهوليت واري" ڪوات جي آلهي" مجموعي مان ڪڍي ويئي هئي، جنهن کي "سبل ديوي" جا ڪتاب" سڏيو وڃي ٿو، جنهن ۾ چوويهو هو ته اردنهي حملي آور کي ملڪ مان تڏهن ئي تڙي سگهبو، جڏهن مشرق جي الهي" عظيم ديوي" کي روم ۾ آندو ويندو. چنانچه، فرائيگيا ۾ سندس مقدس شهر، پيسينس ڏانهن سفير آماڻيا ويا. اهو لنڊڙو ڪارو پٿر، جو الهي" عظيم ديوي" جي شخصيت جو مظهر هو، سفيرن جي سپرد ڪيو ويو، جي ان کي روم ڪڍي آيا. آتي کيس ڏاڍي ادب ۽ احترام سان پئلينائين پهاڙي" جي چوٽي" تي، "فتح واري مندر" ۾ نصب ڪيو ويو. وچ اپريل جو زمانو هو، جڏهن آها ديوي اتي پهتي ۽ اڃ سان ئي پنهنجي ڪر کي جنبي ويئي. جو ٿي ان سال اهڙو ته لاهارو ٿيو، جو گهڻن سالن کان وٺي ڪوڙ ٿيو هو ۽ پٽي ٽي سال ۾ هنيبال ۽ سندس جنگي جوڌا آفريڪا ڏانهن اسهيا. جنهن وقت هن الليّ" جي ساحل کي ويجهو ڏٺو ته دور کان غائب ٿيندو ڏٺو، تنهن وقت هن اهو اندازو ۾ نه ڪيو هوندو ته يورپ، جنهن سندس مهلڪ هٿيارن کي هيٺ ٻسپا ڪيو هو، سو اڄا ۾ مشرق جي ديوتائن اڳيان ڏڻ ٻولندو. فاتحن جي هراول دستي الليّ" جي وچ ۾ پنهنجا خيما اڄا سن هنيا، ته لشڪر جي شڪست خورده ٻوڌين حصي ان جي ساحل تان چپ چاپ ۾ ڀاڄ ڪاڍي.

اسين هيءَ اندازو ڪري سگهون ٿا، جيتوڻيڪ اسان کي واضح ڪري نه ٻڌايو ويو آهي، ته "ديوتائن جي ماءَ" ڀاڪ سان گڏ پنهنجي ٽئين مغربي گهر ۾ پنهنجي اوجوان عاشق، اٽا ۾ جي ٻوڃا ۾ سان ڪٿي آئي. روسي باشندا جمهوري دور حڪومت جي ختم ٿيڻ کان اڳ "گال" واري اتيس ديوتا جي نامرد پوڃارين کان يقينا واقف هئا. مشرقي ڪپڙن ۾ ملبوس، اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي جنس هستيون، جن جي چاتين وٽ ميڙ جا لنڊڙا مجسما لٽڪيل هوندا هئا، روم جي گهٽين ۽ جلوس جي صورت ۾ ڪڍندا رهندا هئا، هٿن ۾ ديوي‌ءَ جي مورتي کڻي، نادن، دفن، تنبورن، مرلين ۽ سنکن جي موسيقي‌ءَ سان ٻڌندا پڄن آلاپيندا رهندا هئا ۽ ماڻهو انهي‌ءَ حيرت انگيز نمائش ۽ وحشي سُرن کان متاثر ٿي، انهن ڏاڍن ئي انداز خيراتون آڇلائيندا ۽ مورتي‌ءَ ۽ ان جي حمالن کي گلاب جي گلن جي بارش ۽ دفن ڪري ڇڏيندا هئا. شهنشاه ڪلاڊيئس، جڏهن فرانسيا واري مقدس وڻ جي ٻوڙ، ۽ ان سان گڏ "اٽيس" جي وحشي رسمن کي روم جي قائم ٿيل قديم مذهب ۾ شامل ڪيو، تڏهن هن هڪ وڏيڪ قدم کنيو. "سبل" ۽ "اٽيس" جي بهار واري موسم جي وڏي تقريب کي اسين انهي‌ءَ نمونيءَ ۾ بهترين طرح شناخت ڪيون ٿا، جنهن ۾ اها روم ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، پر جيئن ته اسان کي مطلع ڪيو ويو آهي ته رومي رسمون فرانسيا واريون هيون، تيئن اسان هي‌ءَ ۽ قياس ڪري سگهون ٿا ته اهي ايشيائي رسمن کان مشڪل ئي مختلف هيون. انهي‌ءَ تقريب جي ملهائڻ جو طريقو هن طرح معلوم ٿئي ٿو.

مارچ جي ٻاويهين تاريخ تي، ٻيلي مان هڪ "پائين" وڻ وڏي "سبل" جي آستاني ۾ آندو ويندو هو، جتي ان کي هڪ عظيم ديوتا ڪري سمجهيو ويندو هو. انهي‌ءَ مقدس وڻ کي ڪٽي وڃن جو فرض "وڻ ڏوئيندڙن" جي هڪ طبقي جي سپرد هوندو هو. وڻ جي ٽڙ کي هڪ جنازي وانگر اوني پٽين سان ويڙهيو ويندو هو ۽ ان کي بنفشي جي گلن سان سينگاريو ويندو هو، جو ڦل جهو ويندو هو ته بنفشي جا گل اٽيس جي رت سان ائين ئي ايريا آهن، جيئن گلاب ۽ لال جا گل ائڊونس جي رت سان نڪتا آهن، ۽ هڪ نوجوان جو مجسمو، جو بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، خود اٽيس جو هوندو هو، ٽڙ جي عين وچ ۾ ٻڌو ويندو هو. تقريب جي پڻ ڏينهن، يعني ٻاويهين مارچ تي، مکيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم ٽوٽارن وڃائڻ جي هوندي هئي. ٽيون ڏينهن، يعني چوڏهن مارچ "رت جي ڏينهن" جي نالي سان مشهور هو، ۽ڏو هادري "ڪيگالس"، ٻنهنجن ٻالهن سان رت ڪيري ڏرائي طور ٻڌن ڪندو هو ۽ هو انهيءَ رت و چاڻ واريءَ قربانيءَ ۽ ٿنها ڪوڙ هوندو هو. هڪ ٻئي سان ٽڪرندڙ جهانجهن جي وحشي موسيقيءَ، گونج ٻيدا ڪندڙ ڏهاڙ جي آوازن، ڙاڙو ٻيدا ڪندڙ سنکن جي شور ۽ چمڪندڙ ٻنسرين جي سُرڻ کان متاثر ٿي، لڏيا هادري جهومندڙ متن ۽ ڪليل وارن سان ناچ ۽ ڦريون پائيندا وڃندا هئا. تانجو جوش ۽ بي خود ۽ سورڪان ايحس ٿي، آهي ٻنهنجن جسمن کي اوچڪدار ڪرين سان ڪاڙي، يا چاقن سان چيري، قربانگاه ۽ مقدس وڻ کي ٻنهنجي وهندڙ رت سان داغدار ڪري چڏيندا هئا. اهو دهشتناڪ رواج شايد "اتيس" جي ماتم جو هڪ حصو هو، جنهن جو مقصد ان کي دوباره جنم ونڻ لاءِ طاقت بخشڻ جو هو. آسٽريليا جا قديم النسل وحشي، ساڳيءَ طرح، ٻنهنجن دوستن جي قبرن تي ٻاڻ کي شايد هن مقصد سان ڇيڪ ڏيندا هئا، ته سندن دوستن کي وري جنم وٺڻ ۾ مدد ملي. ان کان علاوه، اسين هيءَ اندازو لڳائي سگهون ٿا، حالانڪ اسان کي واضح طور اڻين ڪو ٻڌايو ويو آهي، ته مبتدي انهيءَ "رت واري ڏينهن" تي بلڪل ساڳئي مقصد سان ٻنهنجي مردي جي قرباني ڏيندا هئا. مذهبي جنون جي انتهائي بلنديءَ تي اڇي، آهي ٻنهنجا منقطع ٿيل عضوا ايم رحم ديويءَ جي مجسمي کي هٽندا هئا. الهن وڏيل سردار عضون کي بعد ۾ احترام سان ويڙهي سڙهي، مٽيءَ، يا الهن زير زمين ٻُهرن ۾ دفن ڪيو ويندو هو، جيڪي "سبل" جي نالي ۽ مقدس هوندا هئا، جتي رت جي قربانيءَ واڻگر، الهن عضون کي ۽ اتيس کي دوباره زنده ڪرڻ ۽ فطرت جي عام بيداريءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هوندو، جا اڃ وقت موسم بهار جي آفتابي تپش ۽ لون گلن ۽ ٻڻ جي صورت ۾ ٽڙي رهي هوندي هئي. انهيءَ قيامن جي ڪجه قدر تصديق هن وحشيانه تصور سان ملي ٿي ته اتيس جي ساٿ ٻنهنجيءَ چاتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هڪ اهڙو ڏاڙهون رکي حامل ٿي هئي، جو انگريزن ڪالي هڪ مالهو- ٻلا جي منقطع ٽيل مردانه مخصوص عضون مان جمي لکتو هو، جو "اتيس" جو هڪ طرح جو همزاد هو.

الهيءَ رسم جي هن انوباني سمجهائيءَ ۽، جيڪڏهن ڪو سچ سمايل آهي، تہ اوه اسان هيءَ حقيقت آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ آبادي جي ٻن ايشيائي ديوتائن جي خدمت لاءِ نامرد پوجاري چو مامور ڪيا ويندا هئا. الهن ديوتائن کي سندن نر پوجارين وٽان جي ديوتا- عاشق جو ڪردار ادا ڪندا هئا، اهي ذريعا حاصل ڪرڻا پوندا هئا جن سان اهي پنهنجن اراڌڪن ارڌن جي سرانجامي ڪري سگهن، خود الهن ديوتائن کي الهيءَ حيات بخش اوت سان پُر ڪرائو پوندو هو، جنهن کان اوه ٿي آهي دنيا وارن کي اها طاقت منتقل ڪري سگهندا هئا. جن ديوتائن جي خدمت ۽ نامرد پوجاري مامور ٿيل هوندا هئا، تن ۽ ايفيسس واري عظيم ديوي، آرٽيمس، ۽ هيڪاٽولس واري عظيم ديوي اسٽارٽ، شامل هيون، الهيءَ اوئين ديويءَ جو آستانو زائرين جي انبوهن سان پريو رهندو هو ۽ اهو اسوريا ۽ بابل، عربستان ۽ فونيشيا جي نذرانن سان مالا مال ٿي، پنهنجي اوج جي زماني ۽ مشرق ۽ هر خاص و عام جي عقيدت جو مرڪز هو. هاڻي، هن شامي ديويءَ جا خصي پوجاري "سبل" جي پوجارين سان اهڙي قريبي مشابهت رکندا هئا، جو ڪي مالهو انهن کي هڪ ڪري سمجهندا هئا. ان کان علاوه، جنهن طريقي سان اهي پنهنجي مذهبي زندگيءَ ۽ داخل ٿيندا هئا، سو، پنهي جو هڪ جهڙو هوندو هو. هيڪاٽولس ۽ سال جو وڏي ۽ وڏو ميلو موسم بهار جي شروعات ۽ ٿيندو هو ۽ ان وقت حشام مالهو جا شام ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن علائقن کان ديويءَ جي آستاني جي زيارت لاءِ اچي جمع ٿيندا هئا. جيئن جيئن ٻنصرون ۽ دهل وڄندا رهندا هئا، ۽ نامرد پوجاري پاڻ کي جاڻن سان جيئن ڏيندا رهندا هئا، تيئن تيئن مذهبي جوش هڪ لهر واانگر تماشائين ۽ ٿهلجندو ويندو هو ۽ گهٽائي موڪل ملهائيندڙ تماشبين ۽ ان وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهو ڪجهه ڪري وهندا هئا، جنهن جو آلهن گهران نڪرڻ وقت ڪو خواب خيال ۾ ڪوڙ ڪيو هو. چوتڻ، جڏهن مالهن جي نسن ۾ موسيقيءَ جي اثر سبب خون جوش کائڻ لڳندو هو؟ وهندڙ رت جو نظارو سندن نظرن کي مسحور ڪري پاڻ ڏانهن کشش ڪندو هو، تڏهن هڪ ٻيان ٻيو، ٻنهنجا ڪپڙا لاهي؟ نعرو هڻي، ميدان ۾ ٽپي پوندو هو؟ پاسي ۾ رکيل تراربن مان هڪ آگهاڙي تراربکي، جي الهيءَ مقصد لاءَ اڳيئي اڻي تيار رکيون ويندڙيون هيون، اڻي جو اڻي پاڻ کي خصي ڪري ڇڏيندو هو. پوءِ هو ٻنهنجا رت ۾ ٻڏل ويڙهل ڪپڙا هٿ ۾ کڻي شهر ۾ ڊوڙندو وتندو هو، تانجو ٻنهنجي جنوانڻ ڊوڙ جي دوران ۾ سندس پاسي ۾ جيکي گهر ايندا هئا، تن مان ڪنهن هڪ وٽ هوالهن عضون کي هوا ۾ مٿي اڇلائيندو هو. جنهن گهر کي اهو اعزاز ملندو هو، تنهن کي لازمي طور ان کي زنان ڪپڙن جو وڪو؟ زنانه زور مهياڪري ڏيڻا پوندا هئا، جي هو ٻنهنجيءَ زندگيءَ جي باقي عرصي ۾ پائيندو رهندو هو. جڏهن جذبات جو اهو طوفان ٻنهنجو جوش ختم ڪري چڪندو هو؟ الهيءَ ماڻهوءَ جو هوش و حواس لڪاڻي ايندو هو، تڏهن الهيءَ ناقابل تلافي نقصانيءَ کان پوءِ هن کي گهٽو ڪري تا زندگي غم؟ پڇتاءَ ۾ غرق رهڻو پوندو هوندو. جنوني مذهب جي الهيءَ جوش و خروش کان پوءِ، فطرتي انساني جذبات جي الهيءَ اوچتيءَ بغاوت کي، ڪيئن لالي هڪ شاعر ٻنهنجي مشهور و معروف نظر ۾ نهايت طاقتور لهجي ۾ پيش ڪيو آهي:

شامي پوجارين جو اهو متوازي مثال، هن نظريي جي تصديق ڪري تو ته سڀ جي ساڪيءَ نوعيت واريءَ پوجا ۾ مردانه قوت جي قرباني، ديويءَ جي موسم بهار واري ميلي تي "رت واري ڏينهن" تي پيش ڪئي ويندي هئي، جڏهن هنڌي جا گل، جن کي سندس مجروح عاشق جي سرخ خون جي قطرن مان ٽڙندڙ سمجهيو ويندو هو، "پائين" جي وڻ جي ڇ ۾ ڪڙڻا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا هوندا هئا. درحقيقت، صاف ظاهر ٿي رهيو آهي ته انهن جي هيءَ ڪالهه، ته هن 'ٻاڻين' جي وٽ هيڪاڻ ويهي ٻاڻ کي نامرد بڻايو هو، ۽ وچارين جي انهيءَ رسم جي سمجهاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ گهڙي ويئي هئي ته اهي سڀ وقت، ڪل بنفسي جي هارن سان ويڙهيل مقدس وٽ جي پاسي ۾، جو اٿن ڪندا هئا. بهرحال، هن ڪالهه ۾ شڪ و شبهي جي ڪا، گنجائش ڪانهي ته "رت واري ڏينهن ٿي" انهن جي مجسمي مٿان ماڻهو ڪيو ويندو هو ؟ ۽ بعد ۾ ان کي دفن ڪيو ويندو هو، جنهن مجسمي کي اهڙيءَ طرح مقبري ۾ دفن ڪيو ويندو هو، سو شايد اهو ئي هوندو هو، جو وٽ ساڻ ٻڌل رهندو هو. ماتمي عرصي جي سڄي دوران ۾، وچاري مانيءَ ڪاٺ ڪان ٻوءَ روزو رکندا هئا، جنهن جو نالو نهاد سبب ٿي اهو هيو، ته انهن جي موت تي سيل ديويءَ پنهنجي غم واندوه کان الڳ ڪيو ويندو هو، ۽ ان جو حقيقي سبب شايد اهو ساڪيوئي هو، جنهن جي ڪري هاران جون عورتون تموز ديوتا جي ماتمي عرصي جي دوران ۾ چڪيءَ ۽ ٻئي هر شيءَ جي ڪاٺ کان پرهيز ڪنديون هيون. اهڙيءَ موسم جي دوران ۾، مانيءَ يا الي واءِ ڪي، شايد ديوتا جي پڳل ٽنل ؟ زخمي جسم جي سخت بيحرمتي سمجهي ويندي هوندي. يا، ممڪن آهي ته اهو روزو ڪنهن مقدس طعام ڪاٺ جي تياريءَ لاءِ رکيو ويندو هجي.

۽ جڏهن رات ٿيندي هئي، تڏهن وچارين جو غم خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو هو. جوتم، اوچتوئي اوجتو اولهه ۾ روشنائي چمڪ لڳندي هئي: قبر کولي ويندي هئي: ديوتا اهل سمات وارن ساڻ الي هو: ۽ جنهن پادري ماتمي جي جسم کي خوشبودار مرهم لڳائيندو ويندو هو، تنهن هو آهستگيءَ ساڻ الهن جي ڪنن ۾ سڻ ۾ ڪري ڪن نجات جي خوشخبري ۽، ٻڌائيندو ويندو هو. ديوتا جي دوباره زنده ٿين ڪي، سندس معتقد هن ڪالهه جو وعدو سمجهي، ان جو خير مقدم ڪندا هئا ته اهي ٻاڻ ۽، قبر جي ڪندڪيءَ ساڻ ڪٽجاڻ ٿي ڪرندا، ٻئي ڏينهن، يعني ۲۰ مارچ تي، جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ۽ ڏينهن هڪ جيترا سمجهيا ويندا هئا. تڏهن ديوتا جي وري جيڙي ٿين ڪي وڏي خوشي ۽ شادمانن سان ملهايو ويندو هو. روم ۾ شايد ٻن هندن ٻي ر، اهو خوشي جو ڏينهن ڪارنيوال جي صورت ۾ ملهايو ويندو هو. اهو خوشي جو ميلو (هلڙا) هوندو هو، جنهن ۾ عام آزادي ملهل هوندي هئي. هر شخص، جيئن چاهيندو هو، تيئن چوندو هو ۽ جيڪي چاهيندو هو، سو ڪندو هو. ماڻهو چڙا ٻوش ڏيڪي، باهر ڪڍين ۽ ڪري ٻوندا هئا. اڄ ڏينهن ٻي انڊي ڪان ننڊي درجي واري ماڻهو ڪي اعلي ڪان اعلي ترين شاڪ و شوڪت ۽ دبدبي اختيار ڪرڻ جي ڪامل آزادي ۽ اجازت هئي. شهنشاه ڪولمبس جي دور حڪومت ۾، سازشين جي هڪ گروه الهي سالڪ ماڻ ڦائدو وٺڻ جي خيال ڪان شاهي محافظن جون وردیون پائي ۽ خوشي ملهائيندڙ مجمع ۾ ملي، شهنشاه جي ايتري قدر ويجهو وڃڻ چاهيو، جو ڪين ان کي خنجر هڻي ماري ۾ آساني ٿئي. ۽ منصوبو ناڪامياب ٿي ٻوء. خود سخت مزاج الگزينڊر سوارس الهي خوشي جي ڏينهن، احتياط کي ايترقدر ترڪ ڪري ڇڏيندو هو، جو ٻنهنجي مختصر دسترخوان ۾ هڪ ڪمرو شامل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو هو. ٻوڏينهن، يعني چوڏهين مارچ، آرام ۽ آسائش لاء مخصوص هوندو هو، جو اڳين ڏينهن جي خوشين ۽ جوش و خروش ۽ ٿڪاوٽ کان ٻوڏ انتهائي ضروري هوندو هو. آخرڪار، اهو روسي ميلو ستاويهين مارچ ٿي، جڏهن آلمو نهر ڏانهن جلوس ڪڍيو ويندو هو، ختم ٿيندو هو. ديوي جو سهڻو مجسمو، جنهن جو منهن ناهموار ڪاري پٿر جو هوندو هو، هڪ گاڏي ۾ ويهاريو ويندو هو، جنهن کي ڇڪيندا هئا. اهو جلوس، جنهن جي اڳواڻي اڌ ڪهاڙا امير ڪندا هئا، سوشرنالين ۽ تنبورن جي موسيقي جي آواز سان آهستي آهستي وڌندو، ٻورڻا ڪڍينا وڃان باهر نڪري، آلمو نهر جي ڪناري ڏانهن ويندو هو، جا روم جي شهر پناه جي هيٺان ٽائبر درياه ۾ وڃي ڇڙي ٿي. انهي ٻيڙي، وڏو ٻاڊري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي قرمزي جبا پيل هوندا هئا، گاڏي، مجسمي ۽ بي هر مقدس شيءَ کي لهر جي پاڻيءَ سان ڏوئيندو هو. گاڏي ۽ ڏکڻ کي انهيءَ غسل ڏيڻ کان پوءِ، وري ۽ موسم بهار جي تازن گلن سان جهنجهيو ويندو هو. هر طرف خوشي ۽ شادمانا هوندا هئا. ڪنهن کي ۽ انهيءَ رت جو فڪر ڪو نه هوندو هو، جو ٽوروٽي اڪ اڙيءَ آزاديءَ سان وهيو هو. خود امي امرد پوجاري انهنجن زخمن کي فراموش ڪري چڏيندا هئا.

اتيس جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ کي اجهو اڙيءَ طرح موسم بهار ۾ هر سال منهايو ويندو هو. ۽ انهن ٻلڪ سائن سوڻن کان علاوه، هن جي پوجا ۾ ڪي اڙيون خفيه رسمون ۽ شامل ٿيل معلوم ٿين ٿيون، جن جو مقصد شايد پوجاريءَ ۽ خاص طرح هڪ مبتديءَ کي، سندس ديوتا جي قريب آڻڻ جو هو. انهن خفيه رسمن جي نوعيت ۽ انهن جي ادائگيءَ جي تاريخ متعلق اسان جي معلومات، بدقسمتيءَ سان تمام ٿوري آهي. ۽ معلوم ٿئي ٿو ته انهن ۾ مقدس طعام ۽ رت جي بپتسم شامل هئي. انهيءَ پاڪ طعام ۾، هڪ مبتدي دهل سان کاڌو کائي ۽ سنک سان پالي ٻي، جيڪي ٻئي ساز اتيس جي جوش ڏيارينڊ سازن ۾ اهميت رکندا هئا. انهن خفيه رازن ۾ شريڪ ٿيندو هو. مرده ديوتا جي ماتم سان گڏ ڇهڪو روزو رکيو ويندو هو ۽ ڏنهنجو مقصد، معلوم ٿئي ٿو، ته ديوتا سان توصل قائم ڪرڻ واري جسر کي انهيءَ سڄي مواد کان پاڪ ۽ صاف ڪري، جنهن سان لڳ ڪري مقدس طعام جا پاڪ عناصر پليت ٿي ٻئي سگهيا. مقدس طعام جي ماڻڻ لاءِ تيار ڪرڻ جو هو. بپتسم ۾ معتقد کي هڪ سونهرو تاج پهرايو ويندو هو ۽ ريبن جا هار وڌا ويندا هئا، جنهن کان پوءِ ڪيس هڪ ڪڍ ۾ هيٺ لاٿو ويندو هو، جنهن جو منهن ڪاڻيءَ جي جاريءَ سان ڍڪيل هوندو هو. ان کان پوءِ گلن جي هار سان سينگاريل هڪ ڍڪي کي، جنهن جي ٻيشاني سونهري ورڻ سان چمڪندي هئي، انهيءَ جاريءَ ڏانهن هڪليو ويندو هو ۽ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻاڪ ڪيل پالي سان ٿتل ڪيو ويندو هو. هن جو گرم
رت چاريءَ جي سوراخن سان آبشارن جي صورت ۾ وهي اکرندو
هو، جنهن کي اهو پوڄاري نهايت انهماڪ ۽ دل جي صدق
سان ٻهنجي سڄي جسم ۽ ڪپڙن تي ملهندو هو، تالجو هو رت
سان تربتر ٿي، جسم جي هر حصي مان رت ڳاڙيندو ۽ مٽي ڪان
ٻرن تائين خون ۽ لال ٿي، ٻهنجي ٻيشر ورن جي ٻار، ار ٻ،
دعا حاصل ڪرڻ لاءِ، جنهن کي اهي ابدي زندگيءَ ماڻڻ لاءِ
دوباره زنده ٿي، ۽ ڏکي جي رت سان سابق گناهن کي ڏولي
پولي واپس آيل سمجهندا هٿا، ڪڏڪان باهر اينڊو هو. ڪجهه وقت
تائين هن جي ٽئين جنم جي ڏندڪٿا کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ، ڪيس
ٽئين چاول ٻار وانگر ڪير جي خوراڪ تي رکندا هٿا. پوڄاريءَ
جو ٽئون جنم ان وقت عمل ۾ اينڊو هو، جڏهن سندس ديوتا
ٽئين سر زنده ٿيندو هو، يعني موسم بهار ۾، جڏهن ڏينهن ۽
رات هڪ جيترا ٿيندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته روم ۾ ٽئون جنم ۽
ڏکي جي رت وهائڻ سان گناهن جي معافيءَ جي رسم، ٻين سيني
ڪالهين کان علاوه، فرائيگين ديويءَ جي آستاني ۾، وٽيڪن
ٻاڙيءَ ٿي، انهيءَ جاءِ وٽ يا ان جي پرسان، جتي هينئر سينٽ
ايٽر جي وڏي ديول بيٺل آهي، ادا ٿيندي هٿي. چوته ۱۶۰۸ع
يا ۱۶۰۹ع ۾، جڏهن ديول کي وڏو ٻئي ڪيو ويو، تڏهن الهن
رسمن جي متعلق ڪيتي تحريرون اکريل ملين ٿيون. وٽيڪن
مان، جنهن کي مرڪزي حيثيت حاصل هٿي، وهر پرستيءَ جو اهو
وحشي سرشتو روسي سلطنت جي ٻين حصن ۾ ڦهاڄندو نظر اچي
ٿو. ساڳئي ذريعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏکي جا خصي ۽ ان
جو رت رسمن جي ادائگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هٿا. ممڪن
آهي ته انهن کي آبادي ۾ اضافي آڻڻ ۽ ٽئين جنم ۾ ٽوڙي
ٻيدا ڪرڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ زبردست جنتر سمجهيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجاهيون

اڪيس ــ نباتات جو ديوتا

نباتات جي روح جي حيثيت ۾، اڪيس جي اصليت "پائين" وٽ جي الهيءَ ڪردار مان واضح ٿئي ٿي، جيڪو اهو وٽ سندس ڏاڏڪٽا، سات سگهه ۽ پادگارن ۾ ادا ڪري ٿو. هيءَ روايت، ته اهو ديوتا هڪ ماڻهو هو، جنهن کي بعد ۾ "پائين" وٽ ۾ تبديل ڪيو ويو هو، سا قديم اعتقاد کي، جيڪي ڏاڏڪٽائي ۾ اساڻ کي بار بار ۽ هر هنڌ ملن ٿا، معقوليت جي جامي پهرائن جي ٻين صاف ڪوشش منجهان محض هڪ وڌيڪ ڪوشش آهي. "پائين" وٽ کي بنفشي جي گلن ۽ اوني ٻين سان سينگاري، پوءِ مان ڪٽي گهر آڻن، جديد لوڪ-رسمن ۾ "مي-ٽري" يا "سمر-ٽري" کي گهر آڻڻ جي رسم جي مترادف آهي، ۽ اهو مجسمو، جيڪو "پائين" وٽ ۾ لٽڪايو ويندو هو، سو فقط وٽن جي روح، اڪيس جو هڪ ننڍي نمائندو هوندو هو. وٽ سان ٻڌن ڪان پوءِ، مجسمي کي هڪ سال لاءِ باغ ۾ رکيو ويندو هو، جنهن ڪان پوءِ، اهو ساڙيو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته ڪن وقتن تي "مي-پول" سان ۽ ساڳي ڪارروائي ڪئي ويندي هئي، ۽ ساڳي ٿي لموالي سان اناج جي ديوتا جو مجسمو ۽، جو لاباري وقت ناهيو ويندو هو، گهٽو ڪري ان وقت تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جيستين ايندڙ سال لاباري وقت ٻيو ٺوڻ مجسمو ناهيو وڃي. اهڙين رسمن جو اصلي مقصد، نباتات جي ديوتا کي سڄي سال جي دوران ۾ زنده رکڻ جو هوندو هو. ٽرائيگيا وارن "پائين" وٽ کي ٻن سيني وٽن منجهان ارسٽس جي ٽابل جو سمجهيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو سبب اسين لفظ قياس آرائي" سان ئي معلوم ڪري سگهون ٿا. شايد، سندن ساوڪ جي غير متبدل، حالاتڪ هلڪي، سائي رنگ، جو هيناهين وادين جي ٻيان جي سرحد ٻيان ڪوهاليل شاخ وشوڪت جي مقابلي ۾، ڪائٽ ٻريان ٻئل اوچين ٻهاڙين جي قطارن جي چوڌن ٽي سبز تاج ناهيو ٻيو هوندو هو تنهن، الهي" هنڌ ڪي، عام ماڻهن جي نظرن ۾، ڪنهن اهڙي" زياده پاڪ زندگي" لاءِ مخصوص ٿيل مقام ٻڌائي ٻيش ڪيو هوندو، جو موسمن جي الٽ سنائ تبديلين کان مستثنيٰ، دائمي ۽ الهي" آسمان وانگر ابدي هيو، جڏهن الهي" خاص مقام سان ملڻ لاءِ ڪين هيٺ جهڪندو نظر ايندو هوندو. ٽي سگهي ٿو ته شايد ساڳي ئي سبب ڪري، انهن کي "آئوي" ۽ ڪل جو ٻوٽو مقدس هو، بهرحال، اسان ڏسهيو آهي ته، هن جي نامرد اوجاڙين جي بدن تي "آئوي" ٻوٽي جي ٻنن جو نمونو ڇاپو ويندو هو. "ماڻهن" جي تقدس جو هڪ ٻيو سبب، ان جي فائديمندي ۽ ٽي سگهي ٿو. "ماڻهن" ۽ ڪ جي ٻين جي ڪوڪڙن سان جيڪو ويجهه ٽڪرندو آهي، سو ڪائٽ جي قابل هوندو آهي، ۽ اهو قديم زماني کان وٺي، ڪائٽ لاءِ استعمال ٿيندو آيو آهي. مثال طور، الهي" ٻج کي اڃ ڪاڻون روم جي غريب طبقن جا ماڻهو ڪائيندا آهن. تنهن کانسواءِ، انهن ٻجن سان هڪ شراب ناهيو ويندو هو ۽ اهو، ٽي سگهي ٿو ته "سيل" ديوي" جي سالن سوڻن ۾، جن جي قديم زماني جا ماڻهو ڊيونيسس جي سالن سان مشابهت ڪندا هئا، جيڪا شرابخوري ۽ زنا ڪيا ويندا هئا، تن لاءِ اهو ئي سبب، ڪجهه قدر ڏسيوار هجي. ان کان سواءِ، "ماڻهن" جي ڪڪڙن کي آبادي" جون علامتون، يا البت آبادي" جا ذريعا سمجهيو ويندو هو. چنانچه، ٽيس‌ولوريا جي ميلي تي اهي ڪڪڙا، سوڻن ۽ آبادي" جي ٻن علامتن يا وسيلن سان گڏ، ڊيمٽر جي مقدس مقبري اندر ڦٽا ڪيا ويندا هئا، ته جيئن زمين، ۽ عورتن جا پيٽ، ڦر ٻيدا ڪرڻ جي حڪم ۾ زود اثر ٿين.

وڏي جي عام ڏيوتائن وانگر، اتيس کي ۽ غالبا زمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيداوار تي اختياري هلائيندڙ يا ڪن حالتن ۾، ذات خود الاڄ، سمجهيو ويندو هو. انهن جي مختلف خواهش ۽ لفظ مان هڪ "گهٽو ڦرڏيندڙ" ۽ هو. ڪنهن مخاطب ڪرڻ ولت "اي آن" جا لفظ ساوا (يا پيلا) سنگ" جي افظن سان پڪاريو ويندو هو. سندس ڏکن، موت ۽ لفظ جنم جي ڪالهه ڪي اڪل آن" جو لاباري ڪندڙ جي هٿ ۽ زخمي ٿيڻ، گدام ۽ پورجن ۽ زمين ۽ چڪجي، وري نئين سر نمودار ٿيڻ سان تعبير ڪيو ويندو هو. روم جي ليٽرٽن عجائب گهر ۽ الهيءَ ديوتا جو هڪ مجسمو رکيل آهي، جو زمين جي پيداوار، ۽ خاص طرح الاڄ، سان الهيءَ ديوتا جي تعلق هٿ ڪي نمايان ڪري ٿو، چاڪاڻ ته مجسمي ۽ الهيءَ ديوتا جي نمائندگي هن طرح ڪئي ويئي آهي، جو سندس هڪ هٿ ۽ ان جي سنگن جو هڪ ڇڙو ۽ ڪي ميوا ڏنا ويا آهن، ٻئي تي "ٻائين" وڻ جي ٻچن جو هار، ڏاڙهون يا ٻيا ڦل رکيا ويا آهن ۽ سندس ٻئي ۽ ٻيل ڦرائيڪا وارن لوڪن جهڙي ٽوپ سان آن" جا سنگ جمندا ڏيکاريا ويا آهن. ٻئي جي ڪهڪي" جهڙي هڪ برتن تي، جنهن ۽ انهن ديوتا جي وڏي ماءُ" آرڪي گالين جي هڏن جي ٺهي محفوظ ڪيل هئي، تنهن ۽ ۽ الهيءَ ماڪيٽي خيال جو، ٻوري ڪهڻي ڦورڪار سان، اظهار ڪيل آهي. برتن جي ڊڪ تي آن" جا سنگ اهڙيءَ طرح تراشيل آهن، جو سندن ٻاڇا ۽ چڻيءَ طرح نظر اچن ٿا ۽ ان جي چوٽيءَ تي هڪ ڪڪڙ ٻاهارل آهي، جنهن جو ٻچ آن جي سنگن جو نمونو آهي. "سبل" ديويءَ جو تخيل ۽، ساڪيءَ طرح، آبادي" جي ديويءَ جي حيثيت ۽ ڪيو ويو هو، جا زمين جي ڦلن ڦولن وغيره کي ٻالڻ يا پکاڙي سگهي ٿي، جو تر ڪال جي علانقي ۽ سنوڊونم (آئون) جا ماڻهو الاڄ جي ٻنين، ۽ انگور جي ولين جي ديويءَ لاءِ ديويءَ جي مجسمي کي گاڏيءَ ۽ ٽيرائيندا ۽ ان جي اڳيان ڪائيندا ۽ نچندا ويندا هئا ۽ اسان ڏٺو آهي ته هڪ دفعي الليءَ ۽ هڪ ٻيڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمولي لاهاري کي "عظيم ساڌ" جي آمد سان منسوب ڪيو ويو هو. ممڪن آهي ته "ڏوئي" جي مجسمي کي درياه ۾ غسل ڏيڻ جو مقصد، فصلن لاءِ چڱيءَ مقدار ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ واسطي جادوءَ جي هڪ ٽوڪي جو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏهون

اڀيس جا انساني نمائندا

اکرين تحريرن سان ظاهر ٿي ٿو ته، ويسونس ۽ روم جي وچ ۾ علائقن ۾، ملڪ جو وڏو حاڪم باقاعده طور اڀيس جي نالي سان سڏيو ويندو هو. چنانچه، هن کي ڪالهه قابل قياس معلوم ٿي ٿي ته، هو سالياني ميلي تي ڇهنجي نالي پائي، يعني ڏلڪڻائن واري اڀيس ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هوندو. اسان ڏٺو آهي ته "رت واري ڏينهن" تي هو ڇهنجين ڀائرن کي ڇڏي، ڏيئي، منجهائن رت ڪيندو هو، ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو اڀيس جي الهي موت جو نقل هجي، جو هن "ڀائرن" جي وچ ۾ ڪيان ويو، ڇهنجي مٿان ڀاڻ نازل ڪيو هو. هن قياس ۾ ناموزون ناهي ته الهن رسمن جي ادائگي وقت، اڀيس جي نمائندگي سندس مجسمي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جو ته، اهڙا مثال ڏيکاري سگهجن ٿا ته الهه ديوتائي هستيءَ جي نمائندگي اڪثر ۽ زنده ماڻهوءَ وسيلي ڪئي ويئي آهي ۽ ان کان پوءِ، سندس همشڪل مجسمي کان اهو ڪم ورتو ويو آهي، جنهن کي بعد ۾ ساڙيو، يا پئي ڪنهن نموني سان ناس ڪيو ويو آهي. شايد اسين هڪ قدم اڳتي وڌي، هن الوهان ۾ ڪڍي سگهون ٿا ته، هادريءَ جو اهو نقلي قتل، جنهن سان سڄي ڇڄي رت و ڇاڻ ۾ گڏ هوندي هئي، ۽ جنهن ۾ هنڌن واڌر، اڀرائيگيا ۽ ۽، ماڻهوءَ جي سڄي ڇڄي اربائيءَ جو نعم البدل هو، جا قديم زماني ۾ گوشت و پوست جي هڪ جيئري، جاڳندي ماڻهوءَ کي سڄ ۾ ڇڄ قتل ڪري ٿي ڏيڻ ڪئي ويندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا جي انهن تدبير نمائندن کي، جنهن ڏنگ سان قتل ڪيو ويندو هو، تنهن جو يادگار شاهد مارسيامن جي آڪاڻي ۽ محفوظ ٿيل آهي. جيو ويندو هو تہ هو فرائيگيا وارو "سائلينس"، يا اڏ ماڻهو ۽ اڏ ٻکر هو. ڪن ٻن جو چوڻ هو تہ هو هڪ ريڍار، يا ڏنار هو، جو بنسريءَ وڄائڻ جو ماهر هو. هو "سيلن" ديويءَ جو دوست هو ۽ "اتيس" ديوتا جي موت تي الهيءَ ديويءَ کي جيڪو غم ۽ اندوهه ٿيو هو، تنهن کي ڏور ڪرڻ لاءِ هو الهيءَ غمزده ۽ افسرده خاطر ديويءَ سان ٻيان ۽ رلندو وتندو هو. فرائيگيا جي سيلائينيءَ علاقي جا ماڻهو "مدرس ايٿر" نالي موسيقيءَ جي هڪ سُر کي، جو "عظيم ماتا ديويءَ" جي اعزاز ۾ بنسريءَ تي وڄايو ويندو هو، تنهنکي الهيءَ ديويءَ سان منسوب ڪندا هئا. پنهنجيءَ مهارت تي مغرور ٿي، هن اڻولو ديوتا کي موسيقيءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ چئلينج ڏنو. مقابلي ۾ هن کي بنسري، ۽ اڻولو کي سندس سارنگي، استعمال ڪرڻ جي اجازت هئي. مقابلي ۾ هارائڻ جي نتيجي ۾، مارسياس کي "ماڻهن" وٽ سان ڏنو ويو ۽ ڪيس چڪ هئي، ماريو ويو، يا ڪن جو چوڻ آهي تہ اڻولو بذات خود، يا "سيٿين" نسل واري سندس غلام، هن کي ٽڪرٽڪر ڪري ڇڏيو هو. تاريخي وقتن ۾، مارسياس جي چمڙي سيلائينيءَ ۾ ڏيکاري ويندي هئي. اها هڪ غار اندر، جتان مارسيا درياه انتهائي جوش و خروش ۽ گوڙ گهمسان سان ڦٽي باهر لڪري ٿو، ۽ مينڊيئر سان وڃي ملي ٿو، هڪ الڳ نما پٿر تي وڏيءَ چپ تي لٽڪائي ويئي هئي. ساڳيءَ ريت، اڀرندس درياه، پنهنجي پوري جوبن ۽ جواليءَ سان لبنان جي اوچين پهاڙين مان ڦٽي باهر لڪري ٿو، ساڳي ئي طريقي سان آبريز جو ٻيلو درياه نارن جي سرخ پهاڙن مان هڪ صاف ۽ شفاف روشنائيءَ زوردار ڦوهاري جي صورت ۾ لڪري نروار ٿئي ٿو. آهڙيئي نموني ۾ اها نهر، جا هيٺئر زمين جي هيٺئين تہ ۾ گجگوڙ ڪندي رهي ٿي، سا پنهنجي وهڪري جي دوران ۾، ڪوريشيا غار جي ڏاڏڪيءَ روشنائيءَ ۾، هڪ اونڌ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي" تائين، هڪ لحظي لاءِ، پنهنجو جلوه ڏيکارينديِ، اظرن کان غائب ٿي ويندي هئي. قديم زمانيِ جا ماڻهو سڀني پراڻو چشمن ۽، جن ۽ آبادي" ۽ زندگي" جو دل کي خوش ڪندڙ وعدو سمايل هوندو هو، تن ۾ اهي خالق جو هٿ ڏسندا هئا، ۽ اهي انهي" تيز رفتار درياه جي پاسي ۾، جتي ان جي جوشيلي پاڻي" جي آواز مان ٻڌا ٿيندڙ موسيقي" سان سندن ڪن پرچي ويندا هئا، آئي اهي پنهنجي مالڪ جي اوچا ۽ مصروف رهندا هئا. جيڪڏهن روايت تي پروسو ڪريون ته اوه سيلائيني ۽ نمري نواز مارسياس کي، جو پنهنجي" غار ۽ لٽڪيو ٻو هوندو هو، سوت کان بعد ۽، موسيقي" لاءِ دل باقي هئي. چو ته، چو وجي ٿو ته، پنهنجي ملڪ فرائيگيا جي مقامي موسيقي" جي آواز ٻڌڻ تي مرده ليم-انسان جي جڙي" ۽ جنبش پيدا ٿيندي هئي. ۽، جيڪڏهن ڪو موسيقي نواز اڻپوا جي تعريف ۽ ڪو سُر چيڙيندو هو، ته ان جي طرف هو ڪن ٿي ته ڏيندو هو؟ اي حس و حرڪت لٽڪيو رهندو هو، جا، فرائيگيا وادي انهي" ليم-انسان" ريڍار يا ڏاڙ جي شخصيت ۽، جنهن کي "سبل" ديوي" جي دوستي" جو فخر حاصل هو، جو ديوي" جي رسم و رواج جي مخصوص موسيقي" کي خواهي" سان ادا ڪندو هو، ۽ جو سندس مقدس وڻ، "پائين" جي هيٺان ويهي ٿئو، انسان کي انهيءَ جي قريبي مشابهت جو سراغ نه ٿو ملي، جو ذات خود ديوي" جو دل گهريو ڏاڙ يا ريڍار هو، جنهن کي خود ۽، هڪ نمري وڃائيندڙ چيو وجي ٿو، جنهن لاءِ اها روايت ۽، مشهور آهي ته سندس هي" زندگي "پائين" جي وڻ هيٺان پوري ٿي هئي؟ جنهن جي سالياني نمائندگي، مارسياس وانگر، سندس مجسمي کي "پائين" جي وڻ تي لٽڪائي ڪئي ويندي هئي؟ اسين هي" لياس ڪري سگهون ٿا ته قديم زمانيِ ۾ جيڪو پادري سبل جي بهار واري ميلي تي انهيءَ ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هو، تنهن کي هر سال "پائين" جي مقدس وڻ تي باقاعدگي" سان لٽڪاءِ يا ٻي ڪنهن طريقي سان قتل ڪيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ انهيءَ وحشي رسر ڪي، بعد ۾ آها نرم صورت ڏني وئي، جنهن ۾ اسين اوين دورن ۾ اڄ سان روشناس ٿيا آهيون، جڏهن پادري وٽ جي هيٺان فقط ٻاڻ ڪي ڇهه ڏيئي انهنجو رت ڪيائدو هو ۽ وٽ ٽي ٻاڻ ڪي لٽڪائن بدران، هڪ مجسمو ڪي لٽڪائيندو هو. اهڙالا جي مقدس آستاني ۾، ماڻهن ۽ جانورن ڪي ٻاڪ وڻن تي لٽڪائي، سندن قربانيون ڏيون ويندڙ هيون. جيڪي ماڻهو "اوڊين" جي نالي ۾ قربان ڪيا ويندا هئا، تن کي باقاعدگيءَ سان لٽڪائن، يا لٽڪائن؟ جالن جي جيرن ڏين سان، جنهن ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي وٽ يا ڦاهيءَ سان چڪي بڌي، هوءَ پالي سان زخمي ڪيو ويندو هو، ماريو ويندو هو. چنانچ، "اوڊين" کي "ڦاهيءَ جو مالڪ" يا "ڦاهيءَ تي جڙهيلن جو خدا" سڏيو ويندو هو ۽ ان کي ڦاسيءَ جي وٽ هيٺان ويڙهي ڏيڪاريو ويو آهي. درحقيقت، جيو وجي ٿو ته، هن کي رواجي طرح مقدس ٿي نالي ۾ قربان ڪيو ويو هو، جهڙيءَ طرح اسان کي "هٿوامل" جي عجيب و غريب شڪرن سان معلوم ٿئي ٿو، جن ۾ ديوتا ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ته هن جادوءَ جا منتر سکيو، ديوتائي طاقت حاصل ڪئي:

"مون کي معلوم آهي ته آءُ هوا ۾ جهولينڊڙ وڻ تي لٽڪيو ويو هوس،

سڄيون ساريون اوڻ راتين تائين،
پالي سان زخمي ٿيل، اوڊين جي نالي اڻ ٿيل،
ٻنهنجي ئي نالي ۾، آءُ ٻاڻ".

لٽاليچ ٻڌن جي "منڊالالو" ٻيٽ جا "باگوبو" قبيلي وارا ماڻهو هرسال فصلن جي پلائيءَ خاطر، ساڳئي طريقي سان ماڻهن جون قربانيون ڏيندا هئا. ڊسمبر مهيني جي ابتدائي حصي ۾، جڏهن "اوريئون" تارن جو ميڙ شام جو ستين ۾ ظاهر ٿيندو هو، تڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيندو هو ته هڪ چنڊ لاءَ ٻنهن کي صاف ڪرڻ ۽ هڪ ٻانهي جي قربانيءَ پيش ڪرڻ جو وقت اچي ويندو هو. اها قرباني ڪڻ طاقتور ديوتائن کي سڀ گذريل سال لاءَ، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائھو اڳيئي مالي چڪا ھٿا ۽ ايندڙ شوسم لاءِ ڏيوتائن جي رحم و ڪرم جي خاطر" جي ٿيٺ طور ٻيش ڪئي ويندي ھئي. قربان ٿيندڙ مائھو" کي ٻھلي ۽ ھڪ وڏي وڻ ڏانھن ٿيڻون ويندو ھو، اتي ھڪڙ ڪاٺ ٻوڙ، ھن کي وڻ ڏانھن ٻڌي ڪرائي" سندس پائھن کي اھڙي" طرح سرڪان ٻڌي ڪرائي" ڇڪي ٻڌو ويندو ھو، جھڙي" طرح قديم مضبوط مارسياس کي الھي" موتمار وڻ تان لٽڪيل ڏيکاريندا ھئا. جيئن ٿي ھو اھڙي" طرح، پائھن ذريعي لٽڪندو رھندو ھو، ٿيٺ ٿي ٻڌل جي سڏائي" ۽ سندس جسم مان ٻالو آرپار ڪڍي، ڪڍن ماريو ويندو ھو. بعد ۾ ان جي جسم کي چٻلھ، وٽان اورڻ ۾ آڻن ۽ وڍيو ويندو ھو ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي جسم جي مٿئين اڌ کي ٿوري وات لاءِ وڻ ۽ لٽڪندو ڇڏيو ويندو ھو ۽ ھيٺيون اڌ زمين تي ڪروٽ رت ۽ لٿڙيون ڏيندو رھندو ھو. آخرڪار لاش جي ٻنھي حصن کي وڻ جي پرسان ھڪ تراکڙي ڪڏ کوٽي، ان ۽ ڦٽو ڪيو ويندو ھو. ۽ ائين ڪرڻ کان اڳ، جنھن جي مرضي ھوندي ھئي، سو لاش مان گوشت جو ٽڪرو يا وارڻ جي ھڪ ڇڪ ويڌي، ٻنھنجي ڪنھن اھڙي مائٽ جي قبر تي ڪٽي ويندو ھو، جنھن جي لاش کي گورٻٽ کائي، ڪپائڻ ۽ لڳو ويڙھ ھوندو ھو. تازي گوشت جي ٻوھ تي ڇڪجي، اھو گورٻٽ ٻرائي ۽ سڙندڙ جسم کي آرام ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو ھو. اھي قربانيون اھڙن مائھن ۽ ڏنيون آھن، جي اڄ ٻہ ڇٻرا آھن.

معلوم ٿئي ٿو تہ يونان ۽ خود عظيم ديوي آرٽيمس کي ۽ آرڪيڊيا ٻھاڙين واري سندس آستاني ۽ ھر سال مجسمي جي صورت ۽ لٽڪايو ويندو ھو، ان ڪري، ھوءَ الھي" جاءِ تي "لٽڪيل" جي نالي سان مشھور و معروف ھئي. درحقيقت، الھي" ساڳئي رواج جو نشان، خود ايفيسس ۽ ۽، جو ھن جي آستان سان سڀني کان وڌيڪ مشھور آھي، ھڪ اھڙي عورت جي ڏند ڪٿا ۽ شايد ٻوشيده صورت ۽ موجود ملي ٿو، جنھن ٻاڻ کي قاسي ڏني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جنهن تي رحمدل ديوي ڪيس پنهنجي ديوتائي پوشاڪ
۽ ملبوسن ڪري هيڪيٽ جي نالي سان موسم ڪيو.
ساڳي طرح، ايٿينا ۽، ميلائيٽ وٽ، انسپالس نالي
هڪ چوڪري جي ڪالهه ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪي
قاسي ڏني هئي، ۽ جيڪا، درحقيقت، آرٽيمس جو محض
هڪ ٻيو روپ معلوم ٿئي ٿي. چوٿين سنڊس موت ڪان پوءِ سندس
لاش جو ڪوءِ، ٻتو ڪوءِ، هو، ۽ ان جو هڪ مجسمو آرٽيمس
ديوي جي ٻه پر سان ٻيڻ ڏنو ويو، جنهن ڪي مالهن وڻي
ان کي "هيڪربج" يا "دور تائين مارو ڪندڙ"، جي لقب سان
نوازيو، جو خود آرٽيمس ديوي جي خصوصي لقب سان هڪ باقاعده
لقب هو. هر سال ڪنوارين چوڪريون ديوي جي مجسمي کي
هڪ ننڍي بکري جي قرباني ڏينديون هيون، جنهن کي آهي
لٽڪائي ماريندیون هيون، چوٿين انسپالس لاءِ چيو ويندو هو ته ان
ڪي، قاسي ڏيئي ماريو هو. ڪي سڪهي ٿو ته اها قرباني ڪنهن
مجسمي يا آرٽيمس جي انساني نمائندي کي لٽڪائڻ جي رسم جو
نعم البدل هجي. هوڏانهن وري، رهوڊس ۽ خوبصورت هيلن کي
"وڻ واري هيلن" جي نالي سان پوجيو ويندو هو، جو ته ٻيٽ جي
راڻي پنهنجين خدمتگار عورتن کي "نيوريز" جو چمڙاپوش پارائي،
انهن جي هٿان سنڊس مجسمي کي وڻ جي ٽاري ۽ لٽڪارايو هو.
ايشيا ۽ آباد ٿيل يوناني لوڪ جانورن جي قرباني الهه طريقي سان
ڏيندا هئا، تنهن جي ٿابتي "الهه" جي انهن سڪن سان فراهم
ٿئي ٿي، جن ۽ ڪنهن ڏڪي يا ڪٽون کي وڻ سان لٽڪيل
ڏيکاريو ويو آهي ۽ ان کي هڪ ماڻهو، جو وڻ جي ٽارن ۽
لڪو ويٺو آهي يا خود الهه جانور جي پٺ تي سوار آهي،
سو ڪيس خنجر سان وار ڪري ماري رهيو آهي. هيٿراپولس ۽
قرباني وارن مالهن يا جانورن کي ساڙڻ کان پيشتر، وڻ ۽
لٽڪايو ويندو هو. انهن يوناني ۽ امڪاندينويا جي هڪ جهڙن
مثالن مان، جي اسان جي سامهون اچي چڪا آهن، اسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن انومان کي بلکل غير امڪاني قرار ڏيئي، نظر انداز
ڪري سگهون ٿو. فرائيڊ جو هڪ ماڻهو ڏيوتا
سان سال انهيءَ مقدس ۽ پر موتمار وڻ تي لٽڪندو
رهندو هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستڏيهون

مشرقي مذهب مغرب ۾

ديوتائن جي عظيم ماڻ ۽ سندن محبوب يا ٻت جي اوڄا رومي سلطنت ۾ ڏاڍي هردلعزيز هئي. اڪريل تحريرن مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن کي جدا جدا يا اجتماعي طور نه فقط الليءَ ۽ خاص طرح روم ۾، ۽ رومي سلطنت جي صوبن ۾ ۽، خصوصاً آفريڪا، اسپين، اورچوگال، فرانس، جرمني ۽ ٻلگيريا ۾، ديوتائي اعزاز ڏنا ويندا آهن. انهن جي اوڄا ڪانسٽنٽائين جي دور حڪومت ۾، عيسائيت جي بنياد ۽ ڦهلاءَ کان پوءِ به جاري رهي، ڇو ته سائماڪس عظيم ديوي ماتا جي ميلي جي متعلق بيان ڪري ٿو ته آگسٽس جي ڏينهن ۾ ديويءَ جا رٿاڻا هادري ڪارٿيج جي رستن، گهٽين ۽ چوڪن ۾، اڇن منهن، خوشبودار وارن ۽ زناريءَ چال سان گهمندا، ڦرندا ۽ ڏيندا هئا. وڃن صدين جي روايتن ۽ انڪرراهگيرن کان خيرات گهرندا هئا. ان جي برعڪس، يونان ۽ الهيءَ ايشيائي ديويءَ ۽ سندس رفيق حيات جي خونريز رسم و رواج جو ٿورو ئي خيرمقدم ڪيو ويو. الهيءَ ديويءَ جي اوڄا جي وحشي ۽ ظالمانه نوعيت ۽ ان جون جنونانه زيادتيون يونانين جي انسانيت پسند خيالن ۽ حليم طبيعتن کي لاشڪ ناپسند پوندڙ معلوم ٿين ٿيون. جو ته معلوم ٿئي ٿو ته انهن اڀرندڙ جي ساڻئي اسر جي، ۽ زياده نرم، رسمن کي ترجيح ڏني. ان جي باوجود، انهن ساڻين خصوصيتن، جن يونانين کي ڏيجاري، پاڻ کان دور ڪري ڇڏيو، تن شايد گهٽ مهذب رومين ۽ مغربي وحشين کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪئي هوندي. وڌ ۾ آئيندڙ اهي دماغي ڪيفيتون، جن کي غلط فهميءَ کان خدائي جذبو

سمجهيو ويندو هو، جڏوڪ، جسم کي چڙڻ، ڪٽڻ جنم جي نظريي ۽ رت جي وهائڻ سان گناهن جي معافي ڪهڻ وغيره، تن سڀني جو بنياد وحشي دور واري معاشري ۾ ڪهڙو اونهون ويل معلوم ٿئي ٿو، جنهنڪري فطرتي طور، اهي ڪالهيون اهڙين قومن لاءِ جاذبيت رکنديون هيون، جن ۾ وحشي خصلتون تا هنوز زوردار هيون. درحقيقت، انهن جي اصلي نوعيت کي ڪهڙو ڪري خيالي ۽ مثالي، يا فلسفيانه تفسير جي معرز پڙدي ۾ پوشيده رکيو ويندو هو، جا شايد وڌ ۾ آهي ۽ جوشيلن ۽ وچارين تي رعب وجهڻ لاءِ ڪافي هوندي ۽ خود تهذيب يافته مائهن کي ان اهڙين ڪالهين کي برداشت ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي هوندي، جن کي اهي رواجي طرح حقارت ۽ ڏپ جي نظرن سان ڏسندا هوندا.

انهيءَ عظيم ديويءَ جو مذهب، جنهن ۾ وحشت ۽ روحاني آرزوئن جو اهڙو عجيب و غريب اشتراڪ هو، سو ساڳيءَ نوعيت وارن اهڙن مشرقي مذهبن جي مجمع سان محض هڪ هو، جي ٻ ارسطيءَ جي دور ۾ ڏينهن ۾ روميءَ سلطنت ۾ ڦهلجي وئا هئا ۽ جن يورپي مائهن جي دماغ کي زندگيءَ جي غير ملڪي ۽ ڏاڍن نظرين سان ٻُرڪاري، آهستي آهستي سندن قديم تهذيب جي سچيءَ بناوٽ جو بنياد کوکلو ڪري وڌو. يوناني ۽ روسي معاشرو قوم جي مقابلي ۾ ارد جي، ۽ رياست جي مقابلي ۾ شهريءَ جي تحتي حيثيت جي نظريي لي تعمير ٿيل هو. دولت مشترڪه جي سلامتيءَ کي انهيءَ معاشري انساني چال چلت جو اعليٰ ترين مقصد مقرر ڪيو هو ۽ ان کي هن دنيا، خواه آخرت ۾ فرد جي سلامتيءَ کان زياده افضل قرار ڏنو هو. نتيڙي هوندي ڪان وڌي انهيءَ غير خود غرضانه نظريي جي ساڻ هيٺ ٻاجي، شهرين ٻنهنجيون زندگيون عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون ۽ اهي عام ڀلائيءَ خاطر انهن جي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هئا، يا جيڪڏهن انهن کنهن ۽ وقت انهيءَ اعليٰ ترين قرانيءَ ڏيڻ کان ڪيائو هوندو ۽ ڪين اهوئي خيال هميشه ستائيندو رهيو هوندو، ته انهن ٻنهنجي ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بهبودي جي مقابلي ۾ شخصي نفا ۽ غرض کي ترجيح ڏيڻي، ڪميٽائي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪين ڪيو آهي. اهي سڀ نظريات مشرقي مذهبن جي ڦهلجڻ سبب بدلجي ويا، جو انهن اهو ئي سبق ڏنو ته روح جو خدا سان رابطو ۽ اڪ جي ابدي نجات ئي اهڙيون شيون آهن جي زندگيءَ کي قابل زيست بڻائين ٿيون ۽ انهن جي مقابلي ۾ رياست جي آسودگي يا خود ان جي بقا هيچ آهن. خود غرضيءَ ۽ بداخلاقيءَ جي انهيءَ اصول جو لازمي نتيجو هي نڪتو، جو انهيءَ اوجاريءَ کي جيڪو اوءَ تيڻن، ايلڪ زندگيءَ سان گهٽي کان گهٽو چڪي باهر ڪيو؟ ان جي خيالن کي سندن روحاني جذبن طرف مرکوز ڪري، من جي دل ۾ موجوده زندگيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪئي، جنهن کي من ان کان بهتر، ۽ ابدي زندگي ماڻڻ جو محض هڪ آزمائشي عرصو ڪري جاتو. هڪ سنت ۽ گوشه نشين ماڻهو جو وجود، زمين ۽ ان جي هر شيءَ کان نفرت ڪرڻ ۽ هميشه آسمان جي خيالن ۾ محو رهڻ ڪري، عام راهِ مطابق، انسانيت جو اعليٰ ترين مقصد ڪي ٻيو ۽ انهيءَ محب وطن ۽ ملڪ جي جانثار جي تدبر مقصد کي ڏڪي، رد ڪيو ويو، جو پنهنجي وجود کي فراموش ڪري، پنهنجي وطن لاءِ زنده رهي ٿو ۽ ان جي ننگ ۽ ناموس لاءِ مرڻ واسطي هروقت تيار رهي ٿو. ڏرتيءَ جو ڪوبه شهر انهن ماڻهن کي حقير ۽ ناچيز معلوم ٿيڻ لڳو، جن جون نظرون ڪرن ۾ "خدا جي شهر" کي ٻاڻ ڏانهن ايندي ڏسنديون هيون. چنانچه، انهن کٽي چنجي ته ڪشش ثقل جو مرڪز موجوده زندگيءَ کان ڦري، مستقبل ڏانهن هٽي ويو ۽ انهيءَ تبديليءَ سبب آخرت کي خواه ڪيتري قدر ۾ ائڊو ٻهتو هجي، ۽ من ساري ۾ ڪنهن ۾ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪالهي ته من دنيا کي وڏو نقصان ٻهتو. عوام جي سياسي زندگي عام طرح پاڻ پاڻ ٿي ويئي. رياست ۽ مذهب جي تعلقات جو رشتو ٽٽڻ لڳو، معاشري جو ڍانچو آهستي آهستي پنهنجن مختلف عناصرن جي صورت ۾ جدا ٿين لڳو ۽ اهڙيءَ طرح اهو دوباره وحشي دور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن ٻئي قدم کڻڻ لڳو، جو ته، تهذيب فقط سيني شهرن جي ماڻهن جي آهي ۽ سندن شخصي خواهشن ۽ دلچسپين کي عوام جي مفاد جي مقابلي ۾ هيٺ ڪرڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهندي آهي. ماڻهن پنهنجي ملڪ جي اڳواڻ ڪرڻ ۾، ڪن حالتن ۾، خود پنهنجي اصل کي جاري رکڻ کان انڪار ڪيو. پنهنجن ۽ ٻارن روح کي اڇائڻ جي فڪر ۾، آهي هن مادي دنيا کي، جنهن کي انهن برائي ۽ بدي جي مرڪز سان شناخت ڪيو، پنهنجن نظرن جي سامهون فنا ٿيڻ لاءِ ترڪ ڪرڻ ۽ تابع ۽ راضي هئا. اها مالڪوليا هڪ هزار سالن تائين قائم رهندي آئي. وچين صدين جي آخر ڌاري روحي قانون، ارسطو جي فلسفي ۽ قديم هنر ۽ ادب جي ٻئين سر زنده ٿيڻ، يورپ کي زندگي ۽ دنيا ۽ هلت چلت ۽ هن عالم جي متعلق زياده معقول ۽ مردانه وار نظرين جو ٿيڻ سبب ڏاڍو تهذيب جي پيشقدمي ۽ جيڪو طويل تعطل اچي ويو هو، سو ختم ٿي ويو. مشرقي حملي جي موج جو زور آخرڪار وڃي لٿو ۽ اها ٻئي هٿ لڳي ۽ ان جي انهي پسپائي جو سلسلو تا هنوز جاري آهي.

مشرقي حسب نسب وارن انهن ديوتائن ماڻ، جن قديم دنيا جي زوال وقت مغرب جي وفاداري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان چڙهٻي ڪئي، تن ۽ قديم ايراني ديوتا "مثرا" ۽ شامل هو. سندس پوڄا جي هردلعزيزي جي تصديق سندس انهن يادگارن ماڻ ٿئي ٿي، جي روحي سلطنت جي ڪنڌ ڪڇ ۽ ڦهليل ملڪ آهن. مثرا جو دين، اصول ۽ رسم و رواج جي لحاظ کان، نه فقط "ديوتائن جي عظيم ماءُ" ۽ يا عيسائيت سان، گهڻن ڳالهين ۽ مشابهت رکي ٿو. الهي مشابهت خود عيسائي عالمن جو توجه ۽ ٻاڻ ڏانهن ڇڪايو، جن ان کي شيطان جو ڪارنامو سڏيو، جو هڪ کوڙي ۽ دوکي ڏيندڙ نقل ذريعي ماڻهن جي دلين کي حقيقي مذهب کان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. ساڳي طرح، ٻڌمت کي ۽ ايرو جي هسپانوي فاتحن کي ۽ اتان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقامي بت پرستانہ رسم و رواجن سان اکثر عيسائيت جي مذهبي رسمن جا شيطاني ۽ ڪوڙا نقل معلوم ٿي رهيا هئا. نصبتي مذهب جو هڪ جديد طالب علم زياده امڪان جي حد اندر اهڙن مشابهتن کي انساني دل و دماغ جي هڪ جهڙن حالاتڪ آزادانہ خيالي رجحانات ۽ ڪولي ٿو، جي هن ڪائنات جي روشنيءَ ۾ ڪهڙن رازن کي معلوم ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ نئين زندگي کي، انهن جي عين مطابق، سانچي ۽ وجهن جي مخلصانہ، حالاڪ بي ڊولن ڪوششن ڪندي، اختيار ڪيا آهن. اهو ڪٿي ڪيئن ۽ هجي، ۽ هن باري ۽ ڪو به شڪ ڪونہ ٿو ٿي سگهي تہ مٿرا جو مذهب عيسائيت جو هڪ طاقتور رقيب ثابت ٿيو، جو تہ ان ۽ سنجيده نوعيت جي رسم و رواج سان گڏ، اخلاقي پاڪيزگي ۽ لازوالي جي اميد هڪ پئي سان شامل ڪيل هيون. معلوم ٿئي ٿو تہ، درحقيقت، انهن بنهي مذهبن جي درميان جيڪو اختلاف هو، سو تمام گهٽي عرصي تائين پنهنجن ڪنهن اڪيلي جي، هلندو رهيو. انهيءَ طويل ڪشمڪش جو هڪ سبق آموز يادگار اسان جي لاتاڻي جي تقريب ۽ محفوظ آهي جنهن کي، معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪاپسا پنهنجي بت پرست رقيب کان سڏيءَ طرح اڳاوڙ ورتو هو. جيولين ڪئلينڊر ۽ ٢٥ ڊسمبر کي سياري جو نئين ۽ نئين ڏينهن سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي "سج جو جنم" چيو ويندو هو، جو تہ ان ڏينهن کان ٻوهه ڏينهن ڏکو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي ۽ سال جي انهيءَ ڦرندڙ نقطي کان وٺي سج جي قوت ۽ اضافو اچڻ شروع ٿيندو آهي. سج جي جنم جي اها رسم، جيئن ان کي مصر ۽ شام ۽ ملهايو ويندو هو، عجيب و غريب معلوم ٿئي ٿي. تقريب ملهائيندڙ ڪن اندروني آستانن ۽ هليا ويندا هئا، جتان اهي اڌ رات جي وقت هي لمرا بلند ڪندي باهر نڪرندا هئا تہ "ڪنواريءَ ٻار جڻيو آهي! روشنائي ڦهٽي وڃي ٿي". مصري تہ ٿئين جاول سج جي نمائندگي ڪندڙ معصوم ٻار جي ذريعي ڪندا هئا، جنهن کي ان جي جنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن، سواري جي لڏي ڪاڻ لڏي ڏينهن ٿي ٻاهر ڪڍي اينڊا هٿا ۽ سندس پوڄارين کي ڏيکارينڊا هٿا. ٻيڪ، اها ڪنواري، جيڪا حامله ٿي، اهڙيءَ طرح ٢٠ ڊسمبر تي ٻار ڄڻيندي هئي، سا اها عظيم مشرقي ديوي هئي، جنهن کي سيمٽڪ نسل وارا لوڪ "آسماني ڪنواري" يا فقط "آسماني ديوي" سڏيندا هئا، سيمٽڪ نسل وارن لوڪن جي ملڪن ۾ اها ديوي انسٽارٽ ديوي جو هڪ روپ هئي. هاڻي، مٿرا کي سندس پوڄاري هميشه سڄ، "ان فتح ڏيل سج" سان شناخت ڪندا هئا، چنانچه، ان جو جنم ٢٥ ڊسمبر تي ٻڌايو هو. مسيح جي جنم متعلق مقدس ڪتاب خاموش آهن، جنهن ڪري اوائلي ڪليسا ان کي نه ملهائيندي هئي. ڪجهه زمانو بعد، مصر جا عيسائي، ڇهين جنوريءَ کي جنم جو ڏينهن سمجهڻ لڳا ۽ "نجات ڏيارينڊڙ" جي جنم کي الهيءَ ڏينهن ملهائڻ جي رسم آهستي آهستي پکڙندي وئي، تانجو ڇوٿين صديءَ ڌاري اها مشرق ۾ عام سطح تي مقرر ٿي وئي. ۽ ٽين صديءَ جي آخر، يا ڇوٿين صديءَ جي اوائل ڌاري مغربي ڪليسا، جنهن ٦ جنوريءَ کي ڪڏهن نه جنم جو ڏينهن ڪري تسليم ڪيو هو، تنهن پنجويهين ڊسمبر کي حقيقي تاريخ ڪري اختيار ڪيو ۽ ڪجهه عرصي بعد، ان جي الهيءَ ايصلي کي مشرقي ڪليسا به ڪٿي تسليم ڪيو. انطاڪيه ۽ الهيءَ تبديليءَ کي سنه ٣٨٠ع ڪاڻ اڳ مروج ڪيل ڪيو ويو.

ناتال جي تقريب جي رواج وجهن لاءِ ڪليسا وارن کي ڪهڙين ڳالهين آماده ڪيو؟ الهيءَ تجديد جي مقصدن کي هڪ شامي مصنف، جو پاڻ هڪ عيسائي آهي، نهايت فراخدليءَ سان هن طرح بيان ڪيو آهي: "ڇهين جنوريءَ جي تقريب کي" هو چوي ٿو، "پادرين تبديل ڪري چو پنجويهين ڊسمبر تي آندو، تنهن جو سبب هيءَ هو، ته بت پرستن وٽ هيءَ رسم هئي ته الهي الهيءَ ساڪي پنجويهين ڊسمبر جي ڏينهن تي سج جي جنم جي تقريب ملهائيندا هئا، جنهن ۾ اهي خوشيءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

ٿيون روشن ڪندا هئا. سالن سوڻن، رسمن ۽ رواجن ۽ خوشيءَ جي الهن محفلن ۽ ڪرسمس ۽ عيد وڻندا هئا. چنانچہ، جڏهن ڪليسا جي عالمن ڏٺو تہ عيسائين جي رغبت الهيءَ تقريب ڏانهن آهي، تڏهن الهيءَ پاڻ ۽ مشورو ڪري فيصلو ڪيو تہ حقيقي جنم جي تقريب الهيءَ ڏينهن ٿي، "ايپيفنيءَ" * جي، جيڪو جنوريءَ ٿي ملهائي وڃي. ٻاڻ جي ٻٽ ارسٽاٽل نوعيت ڏانهن آگسٽائين جي الهيءَ تقريب ۽ اشارو موجود آهي، حالانڪ هو الهيءَ حقيقت کي واضح ڪري، ٻنهنجن عيسائي پاڙن کي هدايت ڪري ٿو تہ اهي الهيءَ سنجيده ڏينهن کي ٻٽ پرستن والگر تہ ملهائين، جي ان کي سورج ديوتا جي اعزاز ۽ ملهائين ٿا، ارڪان اهو وڏو ڏينهن ان هستيءَ جي يادگيريءَ ۽ ملهائن ڪوڙي، جنهن خود سورج کي خلقيو آهي، ساڳيءَ زيت، عظيم ليڊر آهيءَ خطرناڪ اعتقاد وارن جي مذمت ڪئي، جي چوندا هئا تہ ٻاڻ ان ڪري ملهايو ويندو هو، جو اهو ڏينهن سچ جو، ۽ نہ مسيح جي جنم جو ڏينهن هو.

چنانچہ، معلوم ٿي رهيو آهي تہ عيسائي ڪليسا ٻنهنجي ٻانيءَ جو جنم ڏينهن ٻنجوڻهن ڏهرن ٿي هن ڪري ملهائن جو فيصلو ڪيو، تہ جيئن ٻٽ پرستن جي سچ لاءَ تڪريم ۽ تعظيم ڪي ان ڏانهن منتقل ڪيو وڃي، جنهن کي "سچائيءَ جو سچ" سڏيو ويندو هو. جيڪڏهن اها حقيقت هئي، تہ پوءِ هن اوسان ۽ نہ ذات خود ڪا غير امڪاني حالت نظر نہ ٿي اچي تہ ساڳين اصن جي متصدن ۽ غرض ڪليسا جي اختياريءَ وارن کي ٻنهنجي آقا جي موت ۽ دوباره جنم جي ايسٽر واريءَ تقريب کي نہ، ڪنهن ٻئي ايشيائي ديوتا جي موت ۽ دوباره جنم جي ڪنهن اڳڙيءَ تقريب تان نقل ڪيو هوندو، جا ساڳيءَ موسم ۽ منعقد ڪئي ويندي هوندي. هاڻي يوان، سسليءَ ۽ ڏکڻ اٽليءَ جي ڪن

* غير - يهودين لاءِ حضرت مسيح جو ظهور، ان ڪري الهيءَ واقعي جي يادگار طور ۶ جنوريءَ تي هڪ تقريب ملهائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقن ۾ ايسٽر تي جهڪي رسمون اڃا تائين ادا ڪيون ويندڙيون آهن، سي ڪن ڪالهين ۾ انڊوامن جي رسمن سان نمايان مشابهت رکن ٿيون ۽ موڪ اها راڻ ڏني آهي ته مسيح لاءِ نون روحن کي تسخير ڪرڻ خاطر، ٿين تقريب کي سندن بت پرستانه اوائلي تقريب سان ملائي، نئين کي هڪ جوڙي صورت ڏني وئي آهي. ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اها تبديلي قديم دنيا جي لاطيني ٻولي ڳالهائيندڙ علائقن جي پٽ ۽ اونائي ٻولي" وارن علائقن ۾ وڌيڪ اڳ ۾ آئي، جو ته جيستائين ۽ انڊوامن جي اوڀر اونائن ۾ مروج هئي تيستائين معلوم ٿئي ٿو ته اها روم ۽ مغرب ۾ ڪو به اثر نه ڄمائي سگهي. يقيناً اها رسم روم جي سرڪاري مذهب جو ڪو حصو ڪانه هئي. واهيات مائن جي ڏاڻن ۽ الهي" اوجا لاءِ جهڪا محبت جي جاءِ ڪٿي ٻڌا ٿي ها، سا ان ڪان اڳ ئي الهس ۽ عظيم ماتا ديوي" جي هڪ جوڙن، ۽ زياده وحشاڻ رسمن والاري ڇڏي هئي. الهس جي موت ۽ دوباره جنم جي تقريب روم ۽ چوڏهين ۾ پنجوڻين مارچ ۾ ملهائي ويندي هئي، جن مان اونن" تاريخ ۾ ڏينهن ۽ رات هڪ جيترو سمجهيو ويندو هو، جنهنڪري لهاڻات جي ڏوٿا جي هوش ۽ اڇ لاءِ جو سڄي سياري ۽ مثل ۽ا ستل سمجهيو ويندو هو، اهو ڏينهن سڀني کان زياده موزون هو. ۽ هڪ قديم ۽ عام قبيل روايت مطابق، مسيح کي پنجوڻين مارچ ۾ صليب تي چاڙهيو ويو هو، جنهن ڪري ڪجهه مسيحي چنڊ جي حالت کان ان ٻاڙ ۾ الهي" ڏينهن تي صليب تي چڙهڻ جي رسم ادا ڪندا هئا. اها رسم يقيناً ارائيڪيا، ڪئپدوسيا ۽ گال ۽ ملهائي ويندي هئي ۽ من ياري ۽ ڪي دليل موجود آهن ته ڪنهن نه ڪنهن وقت تي، اها روم ۽ ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. چنانچ، جنهن روايت مطابق مسيح جي وفات جي تاريخ پنجوڻين ڊسمبر مقرر ڪئي وئي هئي، سا قديم ۽ پختي پاڙ واري هئي. اها ڳالهه من موهه ڪري اڃا ۽ زياده عجيب ۽ غريب آهي، جو فلڪيات جي حساب، ڪتاب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ثابت ٿئي ٿو، ته اڪثر کوڙ، تاريخي بنياد کونهي. اڪثر سان هي٭ نتيجو لازمي طورڪري ٿو ته مسيح جي موت کي، بنان ڪنهن سوچ ويچار جي، الهي٭ تاريخ سان ان کري حوالو ڏنو ويو هو ته جيئن اڪثر موسم بهار ۾ هڪ جيتري ڏينهن ۾ رات واري٭ تدبير تقريب سان ٿيڪ ٻڌ وڃي. اهائي راءِ ڪليسائي عالم ۾ تاريخ لوئس، سوسيو ڊ چيسني٭ جي آهي، هو اڪثر ڪالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته "نجات دهنده" جي موت جي تاريخ کي عين الهي٭ ڏينهن تي آئي ايڪاريو ويو آهي، جنهن تي عام اعتقاد مطابق هي٭ [دنيا خلقي ويئي هئي. ۽ انهن، جنهن ۾ "خدائي اي٭" ۽ "خدائي ٻت"، جون خصلتون هڪ ئي وقت موجود سمجهون ويندڙون هيون، تنهنجي دوباره زلده ٿيڻ جي تقريب روم ۾ سرڪاري طرح الهي٭ ڏينهن تي ملهائي ويندي هئي، جڏهن اسين هي٭ ڪالهه ذهن نشين ڪرڻ ٿا ته، اپريل واري سينٽ جارج جي تقريب تدبير زماني جي ٻه پرستن جي "پارليا" واري٭ تقريب جي بجاءِ آندي ويئي آهي، ته جون مهيني ۾ سينٽ جان دي بپٽسٽ واري ڏڻ تدبير دور جي غير مسيحي لوڻ جي "اڻي٭ جي ميلي" بدران ملهايو وڃي ٿو، ته آگسٽ مهيني واري "ڪنواري٭ جي آسمان ڏانهن چڙهڻ" جي تقريب، ڏاڍا جي ميلي کي ڏڪي، سندس جاءِ والاري آهي؛ ۽ خود مسيح جو جنم ڊسمبر ۾ سياري جي لڏي ڪان اڳي ڏينهن سان واسته ڪيو ويندو هو، جو ته الهي٭ ڏينهن کي سڄ جي جنم جو ڏينهن سمجهيو ويندو هو، ته ان حالت ۾ هن قياس ڪرڻ ۽ اسين بمشڪل ايترا يا لامعقول ٿوريا ويندا سون، ته عيسائي ڪليسا جي ٻي وڏي تقريب — ايستر جو وڏو ڏينهن — ساڻئي ٿموني، ۽ اخلاقي هدايت ڪرڻ جي ساڻهن غرض ۽ مقصد سان، قرائيگيا واري اتيس ديوتا جي ساڻي قسر جي ڪنهن تقريب سان ٿهڪاڻي ويئي هجي، جا بهار جي موسم ۾ الهي٭ ڏينهن تي ملهائي ويندي هوندي، جڏهن ڏينهن ۽ رات هڪ جيترا ٿيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ٻيو ڪو ماڻهو چوي ته هي ڪهت ۽ گهٽ، اتفاق جو هڪ حيرت انگيز اشتراڪ آهي ته ڏيوتائن جي موت ۽ دوباره جنم وٺڻ جون عيسائي ۽ بت پرستانه تقريبون ساڳيءَ موسم ۽ ساڳئين هنڌ ۾ ملهايون ويندڙيون هيون، چو ته، جن علائقن ۽ بهار جي موسم ۽ مسيح جو موت ملهايو ويندو هو، سي فرائيگيا، گال ۽ شايد روم هئا. ۽ اهي ئي جايون هيون، جن ۽ انهن جي ويجهو منهن ڪيڏو نه جن ۽ الهيءَ ڏينهن ۾ ڪيون. انهن ٻنهي واقعن جي اشتراڪ کي بهڪل هڪ خالص حادثو چئي سگهجي. جيڪڏهن بهار جي موسم جي انهيءَ ڏينهن کي، جنهن ۾ ڌرتي ۾ آب و هوا وارن ٻنهي ۽ فطرت جي سڄي صورت حالت جي اڻ سر ڦاڻي نڪرڻ جي حقيقت جي شهادت ڏيندي آهي، تنهن کي قديم زماني کان وٺي اهو وقت سمجهيو ويندو هو، جڏهن ديوتا جي اڻ سر زنده ٿيڻ ۽ هيءَ دنيا هر سال اڻ سر خاڪي ويندي هئي، ته پوءِ اڻ ديوتا جي دوباره جنم وٺ کي سال جي انهيءَ عظيم وقت ۾ مقرر ڪرڻ گهڻ زياده فطرتي ۽ ڪوڙي ڳالهه هوندي. فقط هڪ هيءَ ڳالهه، ته اڻ غور آهي ته جيڪڏهن مسيح جي موت جي تاريخ پنجويهون مارچ ۾ مقرر ڪئي وئي، ته سندس ٿيڻ جنم، ڪرسٽاني روايت مطابق، ستاويهون مارچ ۾ ٿيو هوندو، جو جولين ڪئليندر جي موسم بهار جي جوڙيءَ ۽ انهيءَ ديوتا جي اڻ جنم جو ڪاڻ فقط ۽ ڏينهن پوءِ آهي. ساڳيءَ طرح ٻن بت پرستانه رسمن، جهڙوڪ، سينٽ جارج ۽ "ڪنواريءَ جي آسمان ڏانهن وڃڻ" جي تقريبن کي مسيحي مذهب ۽ داخل ڪندي، اهائي ٻن ڏينهن جي روڪي وئي آهي. بهرحال، هڪ ٻي عيسائي روايت مطابق، جنهن ۾ لئڪٽنشيس ۽ شايد، گال واري ڪليسا ۽ عمل ڪندا هئا، مسيح جي موت جي تاريخ ڏيوهين، ۽ سندس ٿيڻ جنم پنجويهون، مارچ ۾ مقرر ڪيو ويو هو. جيڪڏهن اڻن ٻي هو ته پوءِ مسيح جو ٿيڻ جنم اڻس جي ٿيڻ جنم سان بهڪل ٽهڪي ٻي آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درحقيقت، هڪ نامعلوم عيسائيءَ جي تحرير سان، جا هن چوڏهن صدي عيسويءَ ۾ قلمبند ڪئي هئي، معلوم ٿئي ٿو تہ عيسائي ۽ بت پرست، ٻئي ٻنهنجن ديوتائن جي موت ۽ ٻئين جنم جي اهڙي لهکندڙ تاريخن تي حيران هٿا ۽ اهڙن ٻنهي مخالف مذهبن جي اوڀلڪن ۾ الهيءَ ڪالهہ تي سخت اختلاف هو. بت پرستن جي دعويٰ هئي تہ مسيح جو ٻئون جنم انهن جي ٻئين جنم جو ڪوڙو نقل هو ۽ هوڏانهن وري عيسائي، اوري جوش و خروش سان دعويٰ ڪندا هٿا تہ انهن جو ٻئون جنم مسيح جي ٻئين جنم جو هڪ شيطاني نقل هو. الهيءَ لاشائستہ چون وڃرا ۽ بت پرست هڪ اهڙو دليل پيش ڪندا هٿا، جو مٿاڇريءَ نظر واري مبصر کي مضبوط نظر ايندو هوندو، تہ سندن ديوتا زياده قديم هو ۽ ان ڪري اهو لازمي طور اصلي ۽ نہ نقلي هو، جو تہ عام قاعدي مطابق اصل ٻنهنجي نقل کان زياده پراڻو هوندو آهي. عيسائي الهيءَ ڪمزور دليل کي آماليءَ سان ڏڻي ڇڏيندا هٿا. درحقيقت، اهي تسليم ڪندا هٿا تہ وقت جي لحاظ کان سندن ديوتا، (مسيح) زياده جديد هو، ۽ ساڳئي وقت عيسائي ذهنيت الداز سان مسيح جي ذات کي شيطان جي عياريءَ جي ٻهاڻي سان ثابت ڪندا هٿا، جنهن اهڙي اهر موقعي تي ٻنهنجي معمول کان ٻاهر وڃي، فطرت جي دستوري تسلسل کي ايترو ڪري ڇڏيو هو.

مجموعي طور، عيسائين ۽ بت پرستن جي اڳرين ۾ واقعي جا اشتراڪ ايتري ڏور قريبي ۽ ڪهڙا آهن، جو انهن کي محض اتفاق نہ ٿو سمجهي سگهجي. اهي ڪليسا جي الهيءَ ٻاڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جو الهيءَ کي ٻنهنجيءَ ڪامپايءَ جي ڪهڙيءَ ۽ ٻنهنجي مفتوح، حالانڪ اڃا ۽ خطرناڪ رقيب سان، طئي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. اڳين پادرين جي ان لچڪندڙ "احتجاجي اصولن" کي، جي بت پرستيءَ جي سخت مذمت ڪئي هٿا، دورانديش ۽ چالاڪ پادرين جي لچڪندڙ نيتيءَ، آسان ٿوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برداشت ۽ هم گير سخاوت سان تبديل ڪيو ويو هو، امڙن
پادرين صاف طرح ڏٺو ته جوڪڏهن عيسائيت کي عالمي فتح حاصل
ڪرڻي آهي ته پوءِ ان کي نجات ڏانهن ويندڙ تنگ دروازي کي
ڪجهه ڏور زياده وڪرو ڪري، ڪليسا جي ”ماءُ“ جي حد کان
زياده سخت اصولن کي ڪجهه حد تائين ڍيلو ڪرڻو پوندو.
ان ڪاري ۽ بڏ ڏوهه جي تاريخ سان هڪ سبق آموز هڪجهڙائي
ڏيڻي سگهجي ٿي. اهي ٻئي نظام، ”هنجي“ اصليت ۽ اهي
اخلاقي سڌارا هٿان، جي سندن ايڪ طبيعت ۽ شاهڪار ”بالين“
جي فراخدلانه جذبات، اعليٰ خواهشن ۽ نرم دليءَ سان پيدا
ڪيا هٿان، اهي ٻئي ڪاسي اهي خوبصورت روح هٿان، جي
تمام ڏکڻ وقت کان پوءِ روءِ زمين تي اينڊا آهن ۽
ڪنهن بهتر دنيا کان آيل هستين وانگر اسان جي ڪمزور ۽
خطاڪار فطرت کي تقويت ڏين ۽ انهن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ
اينڊا آهن. ”هني“ جڏن زندگيءَ جي اعليٰ ترين مقصد، انفرادي
روح جي ابدي نجات کي حاصل ڪرڻ لاءِ، اخلاقي خوبيءَ کي ان
جو ڏيکارو ظاهر ڪيو، حالانڪ هڪ عجيب تضاد سبب انهن
سان هڪ ڇڻي الهيءَ نجات جي مڪمل خوشي بخشيندڙ ابد ۾،
۽ ٻئي ان جي دک درد سان آخرين چولڪاري ۽ ايستيءَ ۾
جستجو ڪئي، ۾ ”اڪالي“ جا اهي سخت گير اصول، جي انهن
ڪيارن، سي ته فقط السالڊات جي ڪمزورن، ۽ ان جي فطرتي
رجحانات جي ابتريءَ خلاف هٿان، جو سندن خاص مريدن جي ٽوري تعداد
ڪالسواءِ انهن جي عملي طور تعميل ڪرڻ تمام ڏکي هٿي، جو
انهن کي ديول جي تنهائيءَ ۾ رهي، دائمي طور ”هنجي“ خاندان
۽ رياست سان سڀ ناتا ٽوڙي، ”هنجي“ نجات لاءِ رات ڏينهن
ڪشالا ڪيڏا پوندا هٿا. جڪڏهن اهي مذهب سچن ٽورن يا
سچيءَ دنيا کان قبول ڪرائڻا هٿا، ته ان صورت ۾ اهو ضروري
هو ته انهن کي هيٺين طبقن وارن مائهن جي اکوٽن راڻن، خواهشن
۽ وهمن سان ٺهڪاڻ لاءِ انهن ۾ ڪجهه حد تائين تبديليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون وڃن ٿا ڪي ترسيمون آندون وڃن. تاهم اوهم جو اهو سلسلو هوندي صدين ۾ اهڙا مائهون طرفان ٿائم ڪيو ويو، جي پنهنجن آئائي ڪان گهٽ درجي جي لطيف مواد مان ٺهيل هئن سبب، الهن ٿا "عام ڏڻ" جي درميان ثالث جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زياده موزون ٿا مناسب هئا. جنانچه، جئين جئين وقت گذرندو ويو، تئين تئين الهن پنهنجي مذهبن، پنهنجي پنهنجي روزافزون هر دلعزيزيءَ جي تناسب سان، پاڻ ۾ اهڙي قسم جا ٻيا عناصر جذب ڪيا، جن ڪي دپائڻ لاءِ ٿي خود الهن جو بنياد وڌو ويو هو. اهڙن آسمن جون روحاني هستيون ان ڪري ٿا لازمي آهن. هيءَ دنيا پنهنجن عظيم شخصيتن جي معيار تي ڪڏهن ڪڏهن ايڏي سگهي، ايڏي باوجود، عيسائيت ٿا بتدريج پنهنجن اصلوڪن صورتن کان بتدريج اختلاف ٿا عليحدگيءَ کي انسان ذات جي عام طبقي جي دماغي ٿا اخلاقي ڪمزورين ڏانهن منسوب ڪرڻ، الهن سان ئي انصافي ٿيندي. جو تہ هيءَ ڪاڻ فراموش نہ ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي مذهبن افلاس زده ٿا مجرد زندگيءَ گذارڻ جي تعريف ڪري نہ فقط شهري معاشري، پر خود انساني بقا جي سڏي سنئين ٻڌ ڪئي، ۽ الهيءَ حملي ڪي انسانذات جي وڏيءَ اڪثريت جي عقلمنديءَ، يا غلطيءَ ڪاري وڌو، جنهن انساني نسل کي ختم ڪرڻ جي قيمت تي پنهنجي روح جي نجات خريد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڻڏيهون

او سيرس جي ڏند ڪٿا

قديم مصر ۾ جنهن ديوتا جي موت ۽ ٽئين جنم کي هر سال ماتم ۽ خوشيءَ جي ذريعي، واري ولي" سان ملهايو ويندو هو، سو اوسيرس هو، جو سڀني مصري ديوتائن منجهان زياده هردلعزيز ۽ مقبول هو، ۽ ان کي، سندس هڪ خصوصيت ۽، اڀرندي ۽ اڀرڻ سان فطرت جي سالياني وڌڻ تبديلين، خصوصا اناج جي مظهر جي حيثيت ۽، گڏي رکي لاءِ ڪاڻي سڏا بنياد موجود آهن. ۽ الهيءَ ديوتا کي متعدد صديون تائين جيڪا زبردست هردلعزيزي حاصل هئي، تنهن سندس پوجارين کي مٿس گهڻن ديوتائن جي طاقتن ۽ خوبين جي ڀاڙش ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، جنهنڪري ان جا اڌارا ورتل ڪنب لاهي، انهن کي پنهنجن پنهنجن اصلوڪن مالڪن کي واپس ڏين، ڪنهن ۽ وقت ممڪن ئي نه ٿو سگهيم

اوسيرس جي سلسلي وار ڪالهه فقط بلوتاريخ ڪري ٿو، جنهن جي جديد دور ۽ ڪن يادگارن جي شهادت مان تصديق ٿئي ٿي ۽ ڪنهن حد تائين ان باري ۽ وڌيڪ تفصيل ۽ معلوم ٿيا آهن.

اوسيرس ديوتا ڏولي" جي ديوتا، سيب (ڪيب يا گيب، جيڪو ان جو ڪي وقتن تي هڪ زبان مان ٻي" ۽ ترجمو ڪيو ويندو آهي) ۽ آسماني ديويءَ، "اوت" جي سازش جو نتيجو هو. يوناني ان جي والدين کي پنهنجي ديوتائن، ڪرونس ۽ ري سان شناخت ڪندا هئا. جڏهن سورج ديوتا، "را" ڏٺو ته سندس زال، نوت، سالمن ٻيوتائي ڪئي هئي، تڏهن هن بد دعا ڏيندي اعلان ڪيو ته ڪل سندس ٻار اڻڄڻ ڪنهن وقت ئي جمي، جڏهن نه ڪو مهينو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، ته کو سال، ۾ ديوي" جو هڪ ٻيو عاشق هو، جنهن کي يونانين "ٿوٿ" يا "هرمس" ديوتا سڏيندا هئا ۽ ان جنڊ سان شطرنج کيڏندي، کائس هر ڏينهن جو ٻاهرين حصو راند ۽ جيتي وراو، انهن سيني حصن کي ٻاڻ ۽ ملائي، هن انهن سان سڄا سارا پنج ڏينهن ٺاهي، انهن کي ته سڀ ڏينهن جي مصري سال ۽ گڏي چڏيو. مصري ٻاشندا سڄ ۽ جنڊ جي مختلف سالن ۽ رکسائيت ٻيدا ڪرڻ لاءِ هر سال جي آخر ۽ جوکي پنج ڏينهن گڏيندا هئا، تن جو ڏند ڪٽائي بنهاد اجهو اهو آهي، انهن پنجن ڏينهن تي، جي ٻارهن مهينن جي سال کان جدا ليکيا ويندا هئا، سورج ديوتا جي بد دعا کنهن کي نه لڳي سگهندي آهي، ۽ اهڙي" طرح، اوسيرس انهن پنجن ڏينهن مان هڪ تي جائو. ان جي جنم وقت هڪ غيبي آواز اعلان ڪيو ته سيني جو آقا ۽ مالڪ دنيا ۽ آيو آهي. ڪٽن جو چوٽ آهي ته ٻمائياس نالي هڪ شخص، ٽيوس واري مندر مان هڪ آواز ٻڌي، جنهن کيس هن اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته هڪ عظيم بادشاه ۽ برڪتن وارو اوسيرس جائو آهي. ۽ اوسيرس پنهنجي ماڻ جو اڪيلو اولاد ڪوڙ هو. اضافي وارن پنجن ڏينهن جي ٻئين ڏينهن تي، سندس ماڻ هورس ٻهرين، ٽين ڏينهن تي سٿ ديوتا، جنهن کي يوناني ٽائفون سڏيندا هئا، چوٿين ڏينهن تي (آئسيس) ديوي" ۽ پنجين ڏينهن تي، نيفٿائيس ديوي" کي جنم ڏنو. بعد ۽ سٿ ديوتا پنهنجي" ٻي" ٻين، نيفٿائيس ديوي" سان شادي ڪئي ۽ اوسيرس، پنهنجي" ٻي" ٻين، آئسيس ديوي" سان.

زمين تي حڪومت ڪندي، اوسيرس مصرين کي وحشي حالت مان ٻاهر ڪڍيو، کين قاعدا ۽ قانون ڏنا ۽ کين ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ جو سبق ڏنو. هن جي زماني ڪان اڳ، مصري آدم خور هئا. ۽ آئسيس ديوي"، جا اوسيرس ديوتا جي ٻي" ۽ زال هئي، انهن کٽڪ ۽ جون کي جهنگلي حالت ۽ ايرندو ڏنو ۽ اوسيرس انهن الاجن جي ٻوک کي پنهنجن ماڻهن ۽ مروج ڪيو، جن هڪدم آدم خوري ترڪ ڪري، الاج جي ڪاڏي تي زندگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذارڻ کي پسند ڪيو. ازانسواءِ جيو وڃي ٿو تہ اوسيرس پهريون ديوتا هو، جنهن وڻن ماڻن ڦل لاڻا، الکور جي ول کي لکڙي ٿي چاڙهڻ ۽ ڏاک کي لتاڙڻ جا هنر سيکاريا. پنهنجن الهن مفيد ايجادن کي سڄيءَ انسانيت کي منتقل ڪري ڏيڻ لاءِ، هن مصر جي سڄي حڪومت پنهنجي زال، آئسيس جي سپرد ڪري، پاڻ سڄيءَ دنيا جي سياحت اختيار ڪئي ۽ هو جتي ۽ ويو، اتي تهذيب ۽ زراعت جون نعمتون ڦهلائيندو ويو. الهن ملڪن ۾، جتي ناموافق آب و هوا، يا بخيل زمين الکور جي ول جي هوڪ جي راهہ ۾ مانع هوندي هئي، الي هن ماڻهن کي شراب جي بدران جَون ماڻ ۽ ڪيڻ جوسبق سيکاري، کين ڪجهه قدر تسلي بخشي. احسانمند قومن جي انعام و اڪرام سان پرجي، جن جي الهن مٿس بارش ڪئي هئي، هو واپس مصر آيو ۽ هن انسان ذات کي جيڪي نعمتون بخشيون هيون، تن جي عيوض هر ڪو سندس سلامي هو ۽ ڪنهن ديوتا کي پوڄيندو هوه ۽ سندس پاڻ "سيت" (جنهن کي هونالي ٽائفون سڏيندا هئا) پاهتر پين سان ڪڏجي پاڻ جي خلاف سازش ڪئي. پنهنجي ايڪ پاڻ جي بدن جي ڪچوريءَ ماپ وڻي، بدطينت پاڻ، ٽائفون ڪفن جي هڪ صندوق ٺهرائي، ان کي ڏاڍو سينگاريو ۽ هڪ دعوي ڪڍهن سڀني جڻا شراب ۾ خوب موج ۽ مزا ڪري رهيا هئا، تڏهن هو انهيءَ صندوق کي سڀني جي وچ ۾ ڪٽي آيو ۽ مذاق طور سڀني کي مخاطب ٿي وعدو ڪيائين تہ هيءَ صندوق انهيءَ کي ڏيندو، جنهن کي سڀني کان زياده پوري ايندي. خير، سڀني جڻ واري وڻيءَ سان آزمايو ۽ آها ڪنهن کي ۽ پوري ڪانہ آئي. آخرڪار، اوسيرس ان ۾ هيٺ لٿو ۽ آرام سان سمهي ويو. انهيءَ تي سازشين ڊوڙي وڃي ڪفن جو ڍڪ بند ڪيو ۽ ان کي سيڪون ٺوڪيو، ۽ سندن ۾ ٻگهريل شيهو ٻڌي، صندوق کي ليل درياه جي موجن جي سپرد ڪيو. اهو واقعو اطهر مهيني جي ستريهين ڏينهن ٿي ٿيو، جڏهن سج عقرب جي برج ۾ هوندو آهي. اوسيرس جي عمر ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت الاويهه سال هئي، يا اهو سال سندس حڪومت جو الاويهون سال هو. جڏهن آئسيس کي ان ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن هن پنهنجن وارن سان هڪ زلف ويڍي، ماتمي لباس پائي، ملڪان ملڪ رلندي، لاش جي تلاش ۾ سرگردان رهي.

عقل جي ديوتا جي مشوري تي، هن درياه جي ڪناري جي ڪاڻ وارن ٻيلن ۾ وڃي پناه ورتي. سندس فراريءَ وقت ستن ڏينهن ان جي همراهي ڪئي. هڪ شام جو، جڏهن هوءَ ٿڪجي، ماندي ٿي پئي، تڏهن هڪ عورت جي گهر آئي، جنهن وڃڻ جي نظاري کان ڊڄي، سندس منهن ۾ ڪٽي دروازو بند ڪري. هڪ ٻيءَ دروازي هيٺان گهر ۾ گهڙي، اڪ عورت جي بار کي اهڙو زوردار ڏنگ هنيو، جو اهو مري ويو. ان، جڏهن آئسيس بار جي ماڻ جا ورلاپ ٻڌا، تڏهن سندس دل ڀڳهرجي پئي ۽ هن بار تي هٿ رکي، پنهنجا طاقتور منتر پڙهي ان کي ٻوڪيا، جنهنڪري بار مان زهر نڪري ويو ۽ هوري جيئرو ٿي ٻاهر. ان کان پوءِ آئسيس پاڻ ٻيلن ۾ هڪ ٻٽ جڙيو. الهيءَ بار جو حمل ڪيس ان وقت ٿيو هو. جڏهن هوءَ هڪ باز جي صورت ۾ پنهنجي مڙس جي لاش ڀڻان ورلاپ ڪري رهي هئي. اهو بار سورس ڪاڻي هو، جنهن کي جوانيءَ ۾ هاربوڪريٽس سڏيو ويندو هو، جنهن جي معني "بار هورس" هئي. ان کي شمال جي ديوي، ٻوٽو سندس ظالم چاچي، سيٽ جي غضب کان ڪٽي لڪايو. ان جي باوجود، هوءَ ڪيس هر قسم جي ضرر کان محفوظ نه رکي سگهي، جو تہ هڪ ڏينهن جڏهن آئسيس پنهنجي ٻٽ جي جاءِ پناه ڏانهن آئي، تڏهن چا ڏسي، تہ سندس ٻٽ، مرده حالت ۾ ڏکهو ٿو زمين تي ٻڌس و حرڪت پئي هو، هڪ ٻيءَ ڪيس ڏنگي وڌو هو. ان کان پوءِ، آئسيس سورج ديوتا، را، کي مدد لاءِ پڪاريو. ديوتا سندس دانهن ٻڌي ۽ پنهنجيءَ ٻيڙيءَ کي آسمان ۾ ٻهاري، ٽوٽ کي هيٺ موڪليو تہ اهو ڪيس اهڙو منتر سيکاري، جنهن جي ذريعي هوءَ پنهنجي ٻٽ کي ڏوباره زنده ڪري سگهي. پوءِ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي طالتور الفاظ ڏڪيا تہ هڪدم زهر هوريس جي بدن مان وهي وهو ۽ ان ۾ هوا داخل ٿي ويئي ۽ هو جيئرو ٿي ٻيو. ان کان پوءِ ٿوٽ ورڻي آسمان تي چڙهي وهو ۽ هڪدفعو ٻيهر سورج جي ڪشتي ۾ ٻنهنجي ۽ جاءِ تي وڃي ويٺو، جنهن کان پوءِ اهو روشن جلوه خوشي ڪندو اچي وڏي وهو.

ان وچ ۾ ڪفن واري صندوق، اوسيرس جي لاش سميت درياه جي وهڪري سان لڙهندي سمنڊ ۾ وڃي لڪي، تالبو اها وهندي، وهندي شام جي ساحل تي بائبلس وٽ وڃي پهتي. اتي پهچڻ شرط، صندوق جي چوڏاري هڪ شاندار "ابريڪا" وڻ آيري آيو، جنهن صندوق کي ٻنهنجي ڏاڙ اندر سمائي ڇڏيو. ملڪ جو حاڪم ان وڻ جي ٻيهڪ پسند ڪري، ان کي وڏائي منجهائس ٻنهنجي گهر جو شهتير تيار ڪرايو، ۽ ڪيس اها خبر ڪا به هئي تہ اوسيرس جي لاش سان گڏ ان جي ڪفن واري صندوق ڪنب ۾ بند هئي. اها ڳالهه آڏسيس وٽ پهتي تہ هن هڪدم بائبلس جو سفر اختيار ڪيو ۽ اتي پهچي پڇاڻا، غريبن جهڙا ڪپڙا پائي هڪ ڪوه جي پاسي ۾ ويهي روئندي رهي. هن ڪنهن سان به ڳالهه ٿي ڪانهي، تانجو بادشاه جون ڪنيزون وٽس آيون، جن جي هو خوشي سان آڇيان ڪئي، سندن چوڻيون ڪيون ۽ ٻنهنجي ديوتائي جسم منجهان الهن تي هڪ عجيب اسم جي خوشبوءِ شوڪاري. ۽ جڏهن رائي ٻنهنجي خدمتگارين جون چوڻيون ڏيون ۽ اها خوشبوءِ سنگهي، جا سندن جسمن مان نڪري رهي هئي، تڏهن ان اجنبي عورت کي پاڻ وٽ گهرائين ۽ ڪيس ٻنهنجي پار جي دائي ڪري رکيائين. ۽ آڏيس ان پار کي ٻنهنجي چاڻي ڏيڻ بدران، آگر ڏائڻ لاءِ ڏني ۽ رات جو هن سندس وجود مان هر فاني شيءِ ساڙڻ شروع ڪئي، ۽ پاڻ هڪ ٻکي جي صورت ۾ انهي ڪنب جي چوڏاري لاماريو ڏيڻ ۽ ماتم سرائي ڪرڻ لڳي، جنهن ۾ سندس پاڻ جو لاش ٻيل هو. ۽ رائي ڏسي ورلو تہ هوءَ چا ڪري رهي هئي ۽ جڏهن ٻنهنجي پار کي شعاع ۾ سڙندو ڏٺائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ولي دالهوڻ ۽ ڪوڪون شروع ڪيائين ۽ اهڙي طرح هن کي لالچائي ٿين کان روڪي وڌائيندو. ۽ ته ديوي ان کي ظاهر ڪيو ۽ هن کي شهتير ڏيڻ لاءِ منٽ ڪئي، ڪيس اهو شهتير ڏلو ويو، جنهن کي چيري، هن ان صندوق باهر ڪڍي ۽ ان جي مٿان ڪري، ان کي پاڪر ڀائي، ايتري زور سان روج ۽ راڙو شروع ڪيو، جو بادشاه جو سيني کان ننڍو ٻار ڊپ وچان اتي جو اتي مري ويو. آئسس وڻ جي ٽڪي سنهوڻ ٻڌيون ويڙهي، انهن مٿان خوشبودار تيل هاريو ۽ ان کي بادشاه ۽ راڻي جي سپرد ڪيو، اهو ٽنب آئسس جي مندر ۾ ٻڌو آهي ۽ اڄ تائين ٻائبلس جا ماڻهو ان جي پوڄا ڪندا آهن. ڪجهه واري صندوق کي هن هڪ ٻيڙي ۾ وڌو ۽ بادشاه جي سيني کان وڏي ٻار کي ٻاڻ سان ولي، ٻيڙي هاڪاري هلي وئي. جڏهن اهي اڪيلا ٿيا، تڏهن هن اها صندوق کولي ۽ ٻنهنجي پاڻ جي منهن مٿان ٻنهنجو منهن رکي ان کي چمون ڏيڻ روئڻ لڳي. ۽ بادشاه جو ٻٽ آهستي آهستي اڇي سنڊس ٻيان ٻڌو ۽ هو جيڪي ڪجهه ڪري رهي هئي، سو ڏسي ورتائين، جنهن تي ديوي ڪنڌ ڦيرائي هن کي اهڙي ته غيض و غضب واري نظرن سان ڏٺو، جو ٻار برداشت کولڻ ڪري سگهيو ۽ مري ويو. ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته ائين کولڻ هو، هو سمنڊ ۾ ڪري ٻيو ۽ ٻڏي ويو. اهو چوڪروئي آهي، جنهن جون مصري ماڻهوس جي ناڀي سان محفلن ۽ تقريبن ۾ نعتون ڳائيندا آهن.

۽ آئسس لاش واري صندوق هڪ هنڌ رکي، ٻنهنجي ٻٽ کي ڏسڻ لاءِ ويئو ديوي جي شهر وئي ۽ هوڏانهن ٽائفون، هڪ رات ڇوڪرين جي جنڊ جي روشنائي ۾ جهنگلي سوئر جو شڪار ڪيڏندي، ان صندوق کي ڏسي ورتو. هن لاش کي شناخت ڪيو ۽ ان کي ڇوڪرين ٽکر ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڪيڙي ڇڏيو. ۽ آئسس "اوسائرس" جي ڪائي مان ٽهيل هڪ ننڍي ٻيلي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦرندي لاش جي ٽڪرن کي گولينديءَ رهي، اهو لي سمجھ آهي جو جڏهن مالهو "ٻيائرس" مان نڪري ٻئين ۾ سفر ڪندا آهن، تڏهن واڪوئن سندن ويجھ ڪري ايندا آهن، جو تہ اهي ديوي ڪان ڊجندا، يا سندس احترام ڪندا آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو مصر ۾ اوسيرس جون ايڏيون ساريون قبرون آهن، جو تہ هن کي جئين جئين لاش جو ٽڪر ملندو رهيو، تئين تئين هو ان کي دفن ڪندي وئي. ار ڪن ٻڌ جو چوڻ آهي تہ هن هرهڪ شهر ۾ هن خيال کان سندس مجسمو دفن ڪيو هو تہ جو اهو خود اوسيرس هو، تہ جيئن اوسيرس جي گوئن هنڌن تي ٻوجا ٿئي ۽ جيڪڏهن ٽائفون اوسيرس جي اصلي لاش جي تلاش ڪري، تہ هو ان جستجو ۾ ناڪامياب ٿئي. بهرحال، اوسيرس جو آل تناسل مڃيون ڪالي ويٺون هيون، جنهنڪري آئسيس ان عضوي جو هڪ نمونو تيار ڪرايو ۽ آل تناسل جي اهڙي نمونو کي مصري ماڻهو اڄ تائين ٻنهنجين محفلن ۾ استعمال ڪندا آهن. ڊيوڊورس سائڪيولس ٽالي هڪ تواريخ لوءِ لکي ٿو تہ "آئسيس کي آل تناسل کان سواءِ، جسم جا ٻيا سڀ عضوا ملي هئا" ۽ چاڪاڻ تہ سندس مرضي هئي تہ سندس مڙس جي قبر غير معروف رهي ۽ جيڪي ٻ ماڻهو مصر ۾ رهن، سي سڀ ان جو احترام ڪن، ان ڪري هن هيئن ترڪيب اختيار ڪئي. هن اوسيرس جي جسم جي هرهڪ عضوي جي چوڌاري سيم ۽ مصالحن مان انساني عضون جا نمونا تيار ڪيا، جن جو قد و قامت اوسيرس سان ملندڙ هو. ان کان پوءِ هن سينٽ پادرين کي سندس خاندان مطابق ٻاڻ وٽ ڪوٺايو ۽ انهن سڀني کان حلف ورتو تہ هوءَ جيڪو رازڪوڙ سڀني واري هئي، سو اهي ڪنهن ٻ ٻئي بشر اڳيان ظاهر نہ ڪندا. سو هن چا ڪيو، جو انهن مان هرهڪ کي خانگي طرح ٻڌائين تہ هن فقط کين ئي لاش جي دفن ڪرڻ جو ڪم سونهيو آهي؟ هن کين انهن نعمتن جي ياد گيري ڏياري، جي کين ان کان اڳ ملي چڪيون هيون. هن کين لاش کي ٻنهنجي ملڪ ۾ دفن ڪرڻ ۽ ان جي ديوتا طور تعظيم ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تکريم ڪرڻ لاءِ جيو. هن ڪيو اها ۽ سنت ڪئي تہ هو پنهنجي ملڪ جي هڪ جانور کي، خواه اهو ڪهڙو ۽ هجي، ارون ڪري، ان جي جيئري ڪنن اهڙي عزت ڏين، جهڙي انهن اوسرس کي ڏني هئي ؟ جڏهن اهو جانور مري، تڏهن ان جو اوسرس والنگر ڪريا ڪرم ڪن، ۽ چاڪاڻ تہ هن اوچارين کي، سندن ئي پلاڻي" خاطر مٿين اعزاز ڏيڻ لاءِ هدايو، ان ڪري هن ڪين زمين جو ٽيون حصو ديوتائن جي خدمت ۽ پوجا لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي ڏيئي ڇڏيو. چنانچہ، جيو وجي تو تہ پادرين اوسرس جون نعمتون ياد ڪندي، راڻي" کي راضي ڪرڻ لاءِ ۽ آئينده جي فائدي جو خيال رکندي، آئسس جي سيني حڪمن جي تعميل ڪئي. ان ڪري، اڄ ڏينهن تائين اوچارين ماڻ هرهڪ الهه ٿي سمجهندو آهي تہ اوسرس سندس ئي ملڪ ۽ ڌڻ آهي ؟ جن جانورن کي ابتدا ۽ ديوتا جي ناليءَ ۽ مقدس ڪيو ويو هو، تن کي اڄ تائين عزت ڏني ويندي آهي ؟ جڏهن اهي جانور مرندا آهن، تڏهن پوجاري انهن جي دفن ڪرڻ وقت اوسرس لاءِ ٽئين سر ماتم ڪندا آهن. ۽ اوسرس جي نالي ۽ ڏکا مقدس ڪيا وڃا هئا، جن ماڻ هڪ کي "ايز" ۽ ٻئي کي "منيوز" سڏيو ويندو هو ؟ اهو طئي ڪيو ويو هو تہ انهن کي سڀني مصري ماڻهن عام طرح پوجين، چو تہ ٻين سڀني جانورن کان زياده، انهن ئي اناج جي موجودگي ۾ پوکن ۽ زراعت جي عام نعمتن کي حاصل ڪرڻ ۽ مدد ڏني هئي."

اها آهي اوسرس جي ڏند ڪٿا يا ان جي روايت، جيڪا يوناني مصنفن بڌائي آهي، يا جيڪا مقامي مصري ادب ۽ جاناڻ ٿورن يا ڪٿن جزوي اطلاعن يا حوالن ماڻ معلوم ٿي سگهي آهي. ڏين ڏيره واري مندر ۽ هڪ طويل تحرير ۽ ديوتا جي ابرن جي فهرست محفوظ ٿيل آهي ؟ ڪن ٻين ڪتابن ۽ سندس جنم جي انهن حصن جو ذڪر ڪيل آهي، جن کي هرهڪ آستاني ۽ مقدس پادگارن طور احتياط سان رکيو ويو آهي. چنانچہ، سندس دل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽرايوز ۽ هڻي، ته سندس ڪرنگهو اميزاز ۽، سندس گردن لٽڪاوواز ۽، ته مٿو ميمفز ۽. جيئن اهڙين حالتن ۽ گهٽو ڪري ڏيندو آهي، تيئن هن حالت ۽ ۽، سندس ديوتائي عضون سان هرهڪ جو تعداد ڪراماتي لموني سان وڌندو ويو. سندن مٿو، مثال طور، اباڏوز ۽ ۽ هيو، ته ساڪئي وقت ميمفز ۽ ۽؟ سندس ٽنگون، جن جو تعداد عجيب طرح سان تمام گهٽو هو، سي ته متعدد رواجي؟ نالي انسانن لاءِ ڪاڻي هيون. ان باوجود ۽، بهرحال، اوسيرس جي سٽت ڏانهن جي مقابلي ۽ ڪا، وقعت ڪانه هئي، جنهن جا ست مٿا موجود آهن، جي انهنجي جاءِ تي سيٿي بلڪل سڄا آهن.

مقامي مصري بيان مطابق، جي ٻولڻ جي ماڻ ۽ اضافو آڻين ٿا، جڏهن آئسين انهنجي مڙس، اوسيرس جو لاش لڌو، تڏهن هوءَ ۽ سندس ڀيڻ نيفٿائيز، ان جي ڀرسان اهڙو ته ورلاپ ڪرڻ ويهون جو، بعد جي زماني ۽، آهو مڙدن لاءِ هرانسرجي مصري شاعر جو هڪ نمونو ٿي ٻڌو. "انهنجي گهر اچ"، هن روئندي رڙيندي چيو، "انهنجي گهر اچ. اي مٺاڻ وارا ديوتا! انهنجي گهر اچ، جو توکي ڪي ۽ دشمن ڪينهن ۽ اي خوبصورت جوان، انهنجي گهر اچ، ته جيئن مون کي ڏسي سگهين. آءٌ انهنجي ڀيڻ آهيان، جنهن کي تون پيار ڪرين ٿو، تون مون کان جدا نه ٿيندين. اي خوبصورت چوڪرا، تون انهنجي گهر اچ... آءٌ توکي نه ٿي ڏسان. ان جي باوجود منهنجي دل تنهنجي لاءِ سڪي ٿي. ۽ منهنجا ٻئي تنهنجو انتظار ٿا ڪن. ان ڏانهن اچ، جيڪا تو سان محبت ڪري ٿي، جيڪا توکي پيار ڪري ٿي، آلهفز، تون، جنهن جي مٿان رحمت نازل آهي! انهنجيءَ ٻئي ڏانهن اچ، انهنجيءَ زال ڏانهن، تون، جنهن جي دل ايئل آهي انهنجي زال ڏانهن اچ. انهنجيءَ گهر ڏياليءَ ڏانهن اچ. آءٌ ساڪيءَ ماءُ منجهان تنهنجي ٻئي آهيان. تون مون کان گهٽو دور نه هوندين. ديوتائن؟ انسانن انهنجا مٽنهن تو ڏانهن ڦيرايا آهن؟ تولاءِ ڪڏهن روئي ٿا. آءٌ تنهنجي لاءِ هڪ ٿي وقت ٻاڏايان؟ روئان ٿي... آءٌ تنهنجي ٻانهن سڏ ڪريان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ۽ روئان رڙان ۽ ٿي، ته جيئن منهنجي فرياد عرش ۽ پڌي وڃي، ۽ تون منهنجو آواز ٻڌي سگهين، ان جي باوجود، آءٌ تنهنجي اهائي ٻيهر آهيان، جنهن سان تون زمين تي محبت ڪندو هئين، تون ته مون کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن سان ۽ محبت نه ڪندو هئين، منهنجا اڏا منهنجا ٻاڏا" الهيءَ خوبصورت نوجوان لاءِ، جنهن جي جواني الين اڏ ۽ وڃي ويئي، اها آءٌ و بقا، اسان کي ائڊونس لاءِ روح راڙي جي ياد تازي ڪرائي ٿي. مٿس "انفر" يا "ٻيڪ السان"، جو جيڪو لقب ٻڌل هو، تنهن سان الهن نوازش جو نشان ملي ٿو، جيڪي اوسيرس سان هرهنڊ واسته ڪيون ويندڙيون هيون، سندس لقبن منجهان اهو هڪ عام لقب هو ۽ بادشاه جي حيثيت ۽، جيڪي ڪيس مختلف ٽالا ملڻ هئا، تن مان اهو هڪ هيو.

الهن ٻنهي ٻيٽرن جي واويلا ٻڌڻ کان پوءِ، الهن جي غم و الدوه ۽ تي رحم ڪائي، سورج ديوتا، 'را' آسمان منجهان گذرڻ مٽائين ڏيوتا، الوداع ڪي هيٺ زمين تي موڪليو، جنهن آئسس ۽ نيفٿائيس، ٽوٽ ۽ هورس جي مدد سان مقتول ديوتا جي ٻڪل ٿيل عضون کي هڪ ٻئي سان ملائي گڏ ڪيو، ان کي ڪوڙي جي ٻڌڻ سان ويڙهيو ۽ ان مٿان سپ اهي سات سوٽ ڪيا، جيڪي مصري ماشندا پنهنجن مڙدن مٿان رواجي طرح ادا ڪندا هئا. ايوه آئسس پنهنجن ٻرن سان سرد مٽيءَ کي هوا ڏني، اوسيرس هوش ۽ آيو ۽ ان کان پوءِ، ٻئي جهان ۽ مٿل سالهن مٿان بادشاه جي حيثيت ۽ حڪومت ڪندو رهيو. اتي ڪيس اهڙا لقب ڏنا ويا، جيڙوڪ "عالم زمان جو آقا"، "ابد جو مالڪ"، "اهل سمات جو حاڪم". اتي ان، "ٻن سڳن" جي "وڏي ايوان" ۽ هو بالٽيالهين مشرن جي مدد سان، جي مصر جي هرهڪ مکيه شهر سان هڪ هڪ جي حساب سان هوندا هئا، اهل سمات جي روحن جي مقدسي ۽ منصف جي حيثيت ۽ صدارت ڪندو هو، جي سندس زوارو سنجيدگيءَ سان اقرار ڪندا هئا ۽ جڏهن سندس دلين جو انصاف جي ٽاوازيءَ ۽ وڻ ٿي ويندو هو، تڏهن ڪون ابدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ ٻيڪيءَ جي جزا ملندي هئي يا ڪين سندس گناهن جي
ڏاڍاش ۽ موزون سزا ڏني ويندي هئي.

اوسيرس جي دوباره زنده ٿيڻ ۽ مصرين ۾هنجي لاءِ ابر
جي ٻرڻ ڪنڊيءَ طرف ابدي زندگيءَ جو وعده ڏنو. سندن
اعتقاد هو ته ٻيءَ دنيا ۾ هر هڪ مائهو ابدي زندگي ماڻيندو،
بشرطيڪ سندس دوست ان جي لاش لاءِ اهو ڪجهه ڪن،
جيڪي ديوتائي اوسيرس جي مرده جسم لاءِ ڪيو هو. چنانچه
مرده لاش مٿان مصري ماشندا جيڪي ساڻ سوڻ ڪندا هئا، سي آڻهن
سائن جو عڻ ڳاڙهو هوندا هئا، جي اٽيوس، هورس ۽ ٻين ڪڏجي مرده ديوتا
جي لاش مٿان پورا ڪيا هئا. "هرهڪ لاش کي دفن ڪرڻ وقت
ديوتائي راز جي الهيءَ نموني جو سانگ رچايو ويندو هو، جو قديم
دور ۾ اوسيرس جي لاش مٿان رچايو ويو هو، جڏهن سندس ٻئي
سندس پيئرون ۽ سندس دوست ان جي چڻيل لاش جي چوگرد جمع
هئا ۽ اهي ٻهنجن سترن ۽ ناه نوهه وسيلي مثل ديوتا جي ڳچل ڳڙل
جسم کي ٻهرڻءَ "سميءَ" ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا
۽ جنهن کي انهن، بعد ۾ وري جالدار ٻڌايو هو ۽ ابر کان هڻ ٻار الهه
هڪ ٽئين انفرادي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيس ضروري وسيلا
مهيا ڪري ڏنا هئا. مرحوم جي "سمي" خود اوسيرس هو، ايشور ۽ ماتمي
عورتون سندس ڀيڻ، آئسيس ۽ نيفٿائيس هيون، ۽ اٽيوس ۽ هورس،
اوسيرس جي ڏند ڪٿا وارا آهي ديوتائون هئا، جي لاش جي ارد گرد جمع
هئا. الهي طرح هرهڪ مصريءَ کي اوسيرس سان شناخت ڪيو ويندو
هو ۽ آن کي اوسيرس جو نالو ڏيو ويندو هو. "وڏنءَ بادشاهيءَ"
کان ولي اچڻ، هرهڪ مثل مائهوءَ کي "اوسيرس فلاڻو ڀڻ فلاڻو"
ڪري مخاطب ڪرڻ جو عام رواج ٿي ويو هو. ان سان گڏ
هن جي دائمي خوابي، يعني "قول جو سچو" ۽ مڙدي جي نالي
سان ڪنڊي ويندي هئي، جو ته قول جي سچائي اوسيرس جي هڪ
خصوصيت هئي. نيل درياه جي وادي ۾ جيڪي هزارين اکرين ۽ چٽيل
ليرون ڪولون ويٺون آهن، تن مان ڪابه ٿي ته ان ٽئين سر جنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ جي رسم هر هڪ مثل مصري" جي فائدي خاطر ادا ڪئي ويندي هئي، جڏڻ" طرح اوسيرس مري ويو هو ۽ موڻن منجهان وري زنده ٿي اٿيو هو، اهڙي" طرح سيٿي ماڻهو موت مان ٻچڻ ٿي هڪ ٿيڻ ۽ ابدي زندگي" ۽ داخل ٿيڻ جي اميد رکندا هئا.

چنانچ، مقامي عام روايت مطابق، اوسيرس مصر جو هڪ نيڪ ۽ هردلعزيز بادشاه هو، جنهن کي قتل ڪري ماريو ويو هو، ۽ جو، موڻن جي وچان ٻوباره جنم وٺي اٿيو هو، جنهن کان پوءِ ان کي ديوتا جي حيثيت ۽ پوڄو وڃڻ لڳو. الهي" روايت مطابق، مصور ۽ سنگ تراش هن کي هميشه انساني ۽ شاهاڻي" صورت ۽ هڪ مثل بادشاه واڱر نمايان ڪندا هئا، جو هڪ "سمي" جي اٽين ۽ ويڙهيل سيڙهيل هوندو هو، ۽ جنهن جي مٿي تي شاهي تاج ٻڌل هوندو هو ۽ سندس هڪ هٿ ۽ جي ٻئي ٻانهن کان باهر آڇا ڇڏيل هوندا هئا، شاهي اقتدار جو ڏنڊو ڪڙيل هوندو هو. ٻئي سيني شهرن کان زياده، ۽ شهر خاص طور، ان جي ڏند ڪٿا ۽ بادگيري" سان واسته هوندا هئا. الهن منجهان هڪ زيرين مصر ۽، بصريز تالي هڪ شهر هو، جنهن لاءِ اها دعويٰ ڪئي ويندي هئي ته ان ۽ اوسيرس جو ڪرانگهو دفن ٿيل هو، ٻيو بالائي مصر ۽، ابائيڊوز تالي هڪ شهر هو، جو هن ڪاڻ، ۽ فخر محسوس ڪندو هو ته ان ۽ ديوتا جي سمي دفن ٿيل هئي. الهي" مثل، حالانڪ زنده ديوتا جي نور جي دائري ۽ گهيري، ابائيڊوز شهر، جو اوائل ۽ هڪ غيرمعروف شهر هو، "قديم بادشاهي" جي خاتمي کان ولي مصر جو سڀني کان زياده مقدس مقام ٿي ويو، معلوم ٿئي ٿو ته ديوتا جي الهي" شهر واري ٻئي مصرين لاءِ اهڙي ٿي مقدس هئي، جهڙي يروشلم جي مقدس قبرستان واري ڪليسا عيسائين جي نظرن ۽ پاڪ آهي. هر هڪ ديندار ۽ نيڪ ماڻهو" جي اها ئي آرزو هوندي هئي ته سندس لاش عظيم الشان اوسيرس ديوتا جي قبر جي ويجهو واري" منور مٽي" ۽ دفن ٿئي. درحقيقت، ڪي ٿورا ئي ماڻهو ايترقدر دولتمند هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو الهيءَ ۾ الداز: رعايت مان ڪو فائدو حاصل ڪري سگهن،
جوتو الهيءَ مقدس شهر ۽ ٻيو جي خرچ کان علاوه، صندوقن
۽ بند ٽيل ۽ مصالحن ۽ محفوظ ٽيل لاش کي ڏکڻ مقصان
تان لڳ مقدس شهر تائين پهچائڻ ۾ نهايت دشواريءَ ۽ تمام
گهڻي خرچ جو ڪم هو. ان جي باوجود، اڪثر مالهو الهيءَ مقدس
مقبره مان نڪرندڙ رحمت واري اثر کي موت کان پوءِ جذب ڪرڻ
لاءِ انتظار ڪندا هئا ته سندن خاڪي پنجري کي اباڻيدوڙ ڏاڏهن
ڏينهن وڃي جتي، ڪجهه وات ترسن بعد، سندن لاش کي
درياه رستي واپس سندن وطن پهچايو وڃي ۽ اتي ڪن الهن قبرن
۽ دفن ڪيو وڃي، جي سندن اباڻي وطن ۽ الهن لاءِ تيار ڪيون
ويڻون هيون. ٻيا وري، ڏينهن مثل ۽ دوباره زنده ٽيل آڻا جي
قبر پرسان ڏينهن خالي قبرون ڏهراڻي ڇڏيندا هئا، يا وري ڏينهن
لاءِ يادگار لختيون هڻائي ڇڏيندا هئا ته جيئن اهي سان گڏ خوشيءَ
واري ڏينهن جنر جي رحمت ۽ سانس شريڪ ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڻيتاليهون

اوسيرس جا سڳن سات

۱- عوامي رسمون: ڪنهن ۽ ديوي٭ يا ديوتا جي متعلق مفيد سراغ عام طرح سان الهي٭ سوسم ملندو آهي، جنهن ۽ ان جي ڀرپور ملهائي ويندي آهي. چنانچ، جيڪڏهن ڪا ڀرپور ڇوڙهين٭ جي چند يا ڏهرن تاريخ تي ايندي آهي، تہ پوء ان صورت ۾ هي٭ قياس ڪرڻ اسر هوندو آهي تہ جنهن ديوتا کي الهي٭ ڀرپور ذريعي اها عزت بخشي وڃي ٿي سو، يا تہ خود چند آهي، يا وري اهو ڪنهن نہ ڪنهن طرح چند سان وابستہ آهي. جيڪڏهن ڪو ميلو اوناهاري جي وڏي ڪان وڏي، يا سياري جي لڏي ڪان لڏي ڏينهن تي ايندو آهي، تہ ان حالت ۾ اسين لڏرتي طرح اهو نتيجو اخذ ڪندا آهيون تہ اهو ديوتا، جنهن جي تالي ۾ ميلو ملهايو وڃي ٿو، سو خود سورج ديوتا آهي، يا اهرصورت، اهو الهي٭ روشن چراغ سان ڪنهن ڀرپور رشتي ۾ منسلڪ آهي. وري جيڪڏهن ڪا ڀرپور ڇڇ ٻوڪن، يا لاباري جي وقت سان لهڪي ٿي، تہ ان صورت ۾ اسين هن نتيجي ڏيڻ لاء آماده ٿيون تہ اهو ديوتا يا ديوي ڏرتي٭ يا اناج جي شخصيت جو مظهر آهي. اهي انومان يا ڀيجا، ڪنهن سرڪنهن ۽ صورت ۾ ڪنهن نوعيت جا ڪنهن، ۽ جيڪڏهن الهن جي ڪن ٻن اشارن سان خاطري ٿي ٿي، تہ ان صورت ۾ الهن شهادتن يا ثابتين کي ڪافي حد تائين مضبوط سمجهن گهرجي.

بدقسمتي٭ سان مصري ديوتائن سان وهنوار رکندي، اسين الهي٭ سراغ ساڻ ڪم وٺڻ کان گهڻي٭ حد تائين قاصر آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو سبب اهو ناهي ته مصري تقريبن جون تاريخون ڪي هميشه نامعلوم آهن، ۽ ان ڪري جو اهي سال ٽرندين رهنديون هيون، تانجو ڪهڙي وقتي ڪاڻ پوءِ اهي موسمن جي سڄي چڪر مان ڦري اينديون هيون. مصري تقريبن جي الهيءَ آهستي ٽرندڙ چڪر جو سبب اهڙي ڪئلينڈر واري سال جو استعمال هو جو، ته تہ سڄ واري سال سان پوريءَ طرح لهڪندو هو ۽ نہ وري ان ۾ ڪنهن ڏينهن جو وڌ پولت اضافو ڪري، ڪا درستي ڪئي ويندي هئي.

قديم زمانن جي مصري ڪڙميءَ کي جيڪڏهن سواءِ ڪن نادر موقعن جي، سرڪاري يا مذهبي ڪئلينڈر مان ڪا مدد ڪا نہ ملندي هئي، ته ان حالت ۾ هن کي انهن قدرتي اشارن کي ذات خود ڄاڻڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو هوندو، جي زراعت جي مختلف ڪمن جي وقتن لاءِ مقرر هوندا. جن دورن جي متعلق اسان وٽ ڪي ۽ دستاويزي ثبوت موجود آهن، تن ۾ مصري ماڻهو همیشه زراعت پيشہ ماڻهو ئي ڪڏريا آهن ۽ ٻهنجي گذر اوقات لاءِ اناج جي وڏ ۽ وڇوڻ لي ذاروملدار رکندڙ هئا. اناج جا جيڪي تسر هو ڪيندا هئا، سي هيا، ڪڪ، جَوَ ۽ شايد مڙر (هولڪس سورغم، لنائيس) جنهن کي جديد دور جو مصري ڪڙمي "دورا" سڏي ٿو. اڄ وانگر ان وقت ۽، پواڻ سنڌ جي سنهي ساحلي پٽي کان علاوه سڄو ملڪ ڏري گهٽ برسات کان محروم هو ۽ اهو ٻهنجيءَ اٻريءَ ساريءَ آبادي لاءِ مڪمل طور نيل درياه جي طغياني جي مرهون منت هو. اهو درياه، مختلف بندن ۽ واهن جي هڪ وڏيءَ جار جي ذريعي ٻڌن ۽ ڦهليل هو ۽ سال سال تازي ڇڪيءَ مٽيءَ کي، جا اها خط استوا جي وڏ ڏن ڏيڙن ۾ ائيسيليا جي جبلن مان ڪهي ڪٽي ايندي هئي، هر طرف ڦهلائي ٻڌن جي مٽيءَ کي اوٻو ڪري ڇڏيندي هئي. چنانچہ، درياه جي ڇاڙهه کي مقامي باشندن همیشه ڪان وٺي انتهائي فڪرمنديءَ سان پٽي جاچيو آهي، جوتہ ڇڪڏهن اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن خاص ٻلندي* تائين نه ٿي پهچي، يا ان کان زياده مٿي چڙهي
ٿي، ته ٻنهي صورتن ۾ قحط ۽ فقدان ان جا لازمي نتيجا ٿين ٿا.
درياه جو پاڻي جون مهينا جي اوائل ۾ چڙهڻ شروع ٿيندو آهي، ۽
جولاءِ جي وڻڻ جهڙي ڪان ٻوٽن، اهو طاقتور سيلاب جي صورت
اختيار نه ڪندو آهي. سيپٽمبر جي آخر تائين طغياني ٻنهنجي
انتهائي عروج تي پهتل هوندي آهي. سڄو ملڪ هيٺر پاڻي*
جي هيٺان اچي ويندو آهي ۽ سڀني پاڻي* جي اٿاهه سمنڊ جو
نظارو پيش ڪندو آهي، جنهن جي وچ ۾ ڪن مٿانهن ٻڌن تي
اڏيل شهر ۽ ڳوٺ جزيره واڱر منهن مٿي ڪيو ٻڌا هوندا آهن.
اڪثر هڪ مهيني تائين سيلاب هڪ هنڌ ٻڌل معلوم ٿيندو
آهي، جنهن ڪان پوءِ ڏينهون ڏينهن زياده تيزيءَ* سان هيٺ لهندو
ويندو آهي. تانجو ڊسمبر جي آخر يا جنوريءَ* ڌاري درياه ٻنهنجي
اصلوڪي حد ۾ واپس هليو ويندو آهي. اوٻاري جي اربن اچن
ٿيو، پاڻيءَ* جي سطح هيٺ ڪرندي رهندي آهي. جون جي اوائلي
حصي ۾ ٻڌل درياه گهٽ ٿيندو، ٻنهنجي اصلوڪي ۽ رواجي ويڪرائيءَ*
جي نصف حصي تي وڃي پهچندو آهي، ۽ ڏسڻ ۾ سڄ جي تمازت
ڪان سڙندي ۽ گرم هوائن جي زوردار جهولن ۾ پچندي، جي
گهٽن ڏينهن ڪان وڏي صحرا جي رڻ ۾ ٻڌ ماڻ ايندا رهندا آهن.
رڻ ۾ جي ساحلي جو محض هڪ حصو معلوم ٿيندي آهي.
وڻ نامي راڳ جي مٽيءَ* جي ٽاهڻ تهن ۾ منجهيا پيا هوندا آهن.
ڪولن جي ترپي ويڇوڙائيءَ* ۽ ٻاڦات جا محض چند ٽڪرا، جن
کي تمام گهڻي دشواريءَ* سان پاڻي ڏانو ويندو آهي، ٻنهنجي ٻڌا
لاهه ڏاڍيءَ* تڪليف سان جدوجهد ڪندا رهندا آهن. واهن جي
پرسان ۽ اهڙين ڪڍن ۽ جن جي نمي پاڻ ٿي، مڪمل طرح
نه اڏامي ويئي هوندي آهي، تن ۾ ساوڪ جو ٿورو گهٽو ڏيک پاڻي
ڇڏي هوندو آهي. ساوڪ ڪان خالي، ڏوڙ ۽ ڏاڏوڙن، رڪ جهڙي
راڳ وارو، جيڏانهن ڏسو ته حد نگاهه تائين ڦاٽل جي جاڙ سان ڦهليل
ميدان، سڄ جي اڻ رحم تمازت ۽ سڪندو نظر اوندو آهي. اپريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڏ کان وڌي، جون جي وچ تائين مصر جي سرزمين ليڪ الله ۽ ٽئين جوانيءَ حاصل ڪيل ليڪ درياه جي انتظار ۾ هوندي آهي.

ٻشمار زمانن کان وڌي، قدرتي واقعات جي الهيءَ چڪر تي مصري مزارعن جي سالياڻيءَ مشقت جو سڄو دارومدار رهندو آيو آهي. زراعتي سال جو ٻهرين ڪم الهيءَ بندن جي ڪاميءَ جو هوندو آهي، جن هن وقت تائين سيلاب زده درياه کي واهن ۽ ٻنين ۾ پوڻ ڪرڻ کان روڪيو آهي. الهيءَ ڪارروائيءَ کان پوءِ، درياه جي بند ٽوڙ ياڻيءَ کي آگسٽ جي ٻهرئين اڏ ۾ سندس مفيد مهم لاءِ آزاد ڪيو ويندو آهي. اوسيڙ ۾، جڏهن سيلاب جو ياڻي هيٺاهين ويندو آهي، تڏهن ڪڪ جيءَ "سورغم" بوڪا ويندا آهن. لاباري جو وقت هر ضلعي لاءِ مختلف هوندو آهي ۽ شمال ۾ آهو جنوب کان هڪ مهينو اڳ ڪيو ويندو آهي. هيٺاڻي يا جنوبي مصر ۾ جيون جو لاباروَ مارچ، ۽ ڪڪ جو اپريل جي ابتدا ۾ ڪيو ويندو آهي ۽ "سورغم" جو لاباروَ ساڪڻي، مهيني جي آخر ۾ ٿيو ويندو آهي.

هي اڀياس ڪرڻ ۾، هڪ فطرتي امر آهي ته مصر جو ڪڙمي زرعي سال جي مختلف واقعن کي ڪن سادين مذهبي رسمن سان ملهائيندو هو، جن جو مقصد سندس محنتن لاءِ دعائن جي دعائن حاصل ڪرڻ جو هو. هو انهن دعائي رسمن کي سال بسال، ساڪيءَ موسم ۾ ادا ڪندو رهندو هوندو، حالانڪ پوجارين جون سنجيده اوعيت جون رسمون تبديل ٿيندڙ ڪئلينڊر سان گڏ بهار کان ٿيندڙ اونهاري ۾، ۽ اونهاري کان ٿري سياري ۾، ۽ اهڙيءَ طرح پلٽي موت کائيندي سرءَ سان اونهاري ڏانهن اينديون ۽ ويندڙون رهنديون هيون. هڪ ڪڙميءَ جون رسمون مقرر هونديون هيون، جو ته انهن جو انحصار فطرت جي سڌيءَ سٽين ۽ جاچ تي هوندو هو، پوجاريءَ جون رسمون مقرر ڪيل هيون، جو ته انهن جو بنياد غلط حساب ڪتاب تي رکيل هو. ان جي باوجود، امڪان اغلب آهي ته پوجارين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسمن جي اڪثريت ڪهڙن زمانن جي دوران ۽ مذهبي تقدس جي شان ۽ شوڪت واري لباس ۽ تدبير ڏهتائي تقريبن ڪان وڌيڪ ڪجهه ۽ ٿ هوندي ؟ اهي رسمون ڪئلينڊر جي سهوڪان موسمن جي فطرتي چڪر جي ڏينهنجين اصلوڪين پاڙن ڪان منقطع ٿي وينون هونديون.

الهن قياس ۽ الومالن جي تصديق الهيءَ ٿوريءَ ڳڻيءَ معلومات مان ٿئي ٿي، جا اسان کي مصر جي عوامي ۽ سرڪاري مذهب متعلق حاصل آهي. چنانچه، اسان کي ٻڌايو ويو آهي ٿ مصري ماڻهن ڏينهن ۽ ٻاڻيءَ جي وڌڻ وات آئسس ديويءَ جي تاريخ منعقد ڪندا هئا. هنن جو اعتقاد هو ٿ ان وقت اها ديوي ڏينهنجي گهر ٽيل محبوب، اوسيرس ديوتا لاءِ ماتم ڪري رهي هوندي آهي ؟ جيڪي لڙڪ سندس لٽل مان نڪرندا آهن، سي الهيءَ جوشيلي درياه جي آبپاڪ کي ڦلجائي وڌيندا هئا. هاڻي، جيڪڏهن اوسيرس الاج جو ديوتا هو، ٿ ان صورت ۽ هن کان زياده فطرتي ڳالهه ٻي ڪهڙي هوندي ٿ ان جو "وچ اونهاري" ۽ ماتم ڪيو وڃي. جو ٿ الهيءَ وات تائين لاءِ ڪڏهن جڪو هوندو آهي، ڏينهن خالي ٿي جڪيون هونديون آهن، لڏيءَ جي سطح هيٺ لهي آئي هوندي آهي، زندگي معطل ٿي پئي هوندي آهي ؟ الاج جو ديوتا موت سان همڪنار ٿي جڪو هوندو آهي. امڙي وات ٿي اهي ماڻهو، جيڪي فطرت جي ميني ڪارنامن ۽ ديوتائن جي صناعي ڏسندا هئا، سي الهيءَ مقدس نهر جي طغياني جو سبب ديويءَ جي وهندڙ لڙڪن ۽ ڏسندا هوندا، جيڪي هوءَ الاج جي نڪ ديوتا، ڏينهنجي مڙس جي موت تي وهائيندي هئي.

زمين تي لڏيءَ جي وڃڻندڙ ٻاڻيءَ جي نشانيءَ سان ڪڏهن ڪڏهن آسمان ۽ ۾ هڪ نشاني نمودار ٿيندي هئي. جو ٿ مصري تاريخ جي اوائلي ڏينهن ۽، آسمان جي ان جي ابتدا کان ڪي ٿي يا چار هزار سال اڳتر، آسمان جي هڪ هنڌ ٻئي ميني ستارن کان زياده چمڪدار ۽ شاندار ستارو، "سائريس"، اونهاري جي وڏي کان وڏي ڏينهن واريءَ منڊ ۽، جڏهن نيل درياه جو ٻاڻي وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ٿيندو آهي، ۽ هر ٽئين ڪان ڪجهه اڳيرو مشرق-ڏان نمودار ٿيندو هو. مصري ان کي "سوٿيس" سڏيندا هئا ۽ ان کي آڏيون ديوي جو تارو سمجهندا هئا — بلڪل ساڳئي طرح، جيئن بابل وارا زهرا سياره کي اشتارت ديوي جو ستارو سمجهندا هئا. ظاهر آهي ته ٻنهي اوسن کي صبح صادق جي وات آسمان ۾ ٻئل اهو چمڪدار سياره زندگي ۽ محبت جي ديوي نظر ايندو هوندو، جا ٻنهنجي مرحوم محبوب يا مڙس لاءِ ماتم ڪرڻ ۽ ان کي اهل ممات جي وچان بيدار ڪرڻ لاءِ آئي هوندي. ان ڪري، سائرس ستاري جو طلوع ٿيڻ مقدس مصري سال جي ابتدا جي علامت هوندو هو، جنهن کي باقاعده طور هڪ تقريب ذريعي، جا فرائڊز گهرائڊز سرڪاري سال سان نه ڦرندي هئي، ملهايو ويندو هو.

بند نامه ۽ واهن جي ٻنهن ۾ ٻاڦي چڏڻ مصري سال جو هڪ وڏو واقعو آهي. اها ڪارروائي ٻاهره ۾ ڪهڙو ڪري ڇهين ۽ سورهين آگسٽ جي درميان ڪئي ويندي آهي ۽ ڪجهه ٽورو واهه اڳ، الهي سوامي ٿي اهڙيون رسمون ادا ڪيون ويندڙ هيون، جي ڪاڪ خور آهن، جو تہ امڪان آهي ته اهي قديم دور ڪان وڌي مصرين کي سندن اين ۽ ڏاڏن کان ورثي ۾ مليون هيون. هڪ قديم واه، جنهن کي خليفو سڏيو ويندو هو، سو اڳين وقت ۾ ٻاهره جي مقامي شهر وچان لنگهندو هو. ان جي منهن وٽ واه جي آر پار، مٽي جو هڪ بند ٻڌل هو، جو هيٺ بنياد وٽ وڪرو ۽ جيئن اوڀ ٽيئن مٽي سوڙهو ٿيندو ويندو هو ۽ اهو بند ٻئل درياه ۾ ٻاڦي چڙهڻ ڪان اڳ، يا ان جي چڙهڻ ڪان اوروڀي اوڀ، ڪوڏو ويندو هو. بند جي سامهون، درياه جي ڪپ طرف مٽي جو هڪ وڏو ٽڪنڊو ٽڪر ڪڙو ڪيو ويندو هو، جنهن کي "عروس" يا "ڪنوار" سڏيو ويندو هو؟ ان جي چوڻي ته ڪهڙو ڪري ڪڻي يا مٽرن جو هڪ ننڍو ٻوٽو ٻوڪيو ويندو هو. الهي "ڪنوار" کي ڪهڙو ڪري درياه جو چڙهندڙ ٻاڦي، بند کوڙڻ ڪان هڪ يا ٻه هفتا اڳ، ڪاري چڏيندو هو. ان ٻاري ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايت هيئن آهي تہ قديم زمانيءَ ۾ هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ ڪي خوبصورت ڪپڙا پاڻيءَ درياه ۾ ڌوائيءَ طور ڏنو ڪيو ويندو هو تہ جيئن پاڻيءَ ۾ گهٽي طغياني اچي. حقيقت اڻين هئي يا نہ، پر الهيءَ رسم جو مقصد درياه کي نہ طاقت هڻڻ جي حيثيت ۾ سندن ڪنوار، نئينءَ سان شاديءَ ڪرائڻ جو معلوم ٿئي ٿو، جنهن کي درياه جو پاڻي جلد ئي سائو ۽ آباد ڪرڻ وارو هو. اها رسم ان کري فصلن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ هڪ منتر جو ڪم ڪندي هئي، جديد دور جا ماڻهو واه ۾ ويسا آڇلائيندا هئا ۽ عام ماڻهو پاڻيءَ ۾ غوطا لڳائي اهڙ ويسا باهر ڪڍي ايندا هئا. اها رسم ان قديم معلوم ٿي رهي آهي، جو تہ "سيتڪا" جوي ٿو تہ هڪ جاه تي جنهن کي "ٻوڙ جون رکون" سڏيو ويندو هو ۽ جا 'فلاڻي' کان گهڻو دور ڪانہ هئي، پوجاري هڪ تقريب ۾ درياه کي ٻڌڻ ۽ سون جي پينت ڏيندا هئا، جا گهڻو ڪري ان وقت ملهائي ويندي هئي، جڏهن درياه ۾ پاڻي چڙهندو هو.

مصر ۾ زرعي سال جو ٻارهون مهينو ٿوٿ واقعو، نومبر ۽ ڊسمبر جو ڪن جو آهي، جڏهن درياه جي سيلاب جو پاڻي ٻنهي ماڻهن ويندو آهي. ٻين قديم قومن وانگر، مصرين ۾ ٻيج کي زمين جي سپرد ڪرڻ هڪ سنجيده ۽ ماڻهي رسم جي صورت اختيار ڪئي. الهيءَ موضوع تي پلي تہ پلوٽارچ ڀاڻ ڪاڍيائي. "اسين" هو جوي ٿو، "انهن افسرده خاطر، غمگين ۽ ماڻهي رسمن مان کهڙو مطلب ڪڍون، جڪڏهن قائم ٿيل رسمن کي نظرانداز ڪرڻ، يا ٻڌوده شڪن ذريعي انهنجن ڏيوتائن جي متعلق نظريي کي منجهائڻ ۽ انهن ۾ ڪڙڪ پيدا ڪرڻ گناه آهي؟ جو تہ يونانين ۾ اهڙيون گهڻيون رسمون ادا ڪندا آهن، جي مصرين جي رسمن سان مشابهت رکنديون آهن ۽ گهڻو ڪري ساڳيئي وقت ادا ڪيون ويندين آهن. چنانچہ، الونس ۾ ٽيسموفوريا جي مقام وٽ عورتون زمين تي ويهي روزا رکنديون آهن. ساڳيءَ طرح، ايٿوشيا واري "غمزده" جا ايوان ڪولي ڇڏيندا آهن، الهيءَ تقريب کي اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمناڪ هو ڪري سڏيندا آهن، جو تہ ڏيہر ڏيوتا "ڪنواري" جي هيٺ ليهن لاءِ اسونءِ هوندو آهي. اهو مهينو ڇڻ ۽ ڪڻ جو مهينو هوندو آهي، جو ٻڌيءَ جي غروب ٿيڻ جو هوندو آهي. مصري ان ڪي اطهين انسن وارا ٻالپسون ۽ ٻوٽيوشيا وارا ڏيہر جو مهينو سڏيندا آهن ..... جو تہ سال جو اهو ئي وقت هو، جڏهن انهن ميوڻ کي وڻ تان غائب ٿيندي يا ڪرندي ڏٺو ۽ ساڪئي وقت انهن زميءَ کي هٿن سان ڪرڙي ۽ هڪ هنڌ ڪڏ ڪري، ٻن ميوڻ کي ٻي ڏني، تڪليف ۽ غير ٿيڻي" ساڻ ٻوڪيو، جو ڪين ٻڌن ڪوڙ هو تہ ڇڪي هو زمين ۽ وڃي رهيا هئا، سو الاجي ڪڏهن ڇڻي واس نہ ٿيندو، يا نہ، چنانچہ اهي گهٽين ڪالهين ۽ الين ڪندا هئا، جيڪي اهي مانهو ڪندا آهن، جي ٻنهنجن مڙدن کي دفن ڪري، مٽن ماتر ڪندا آهن."

مصر ۽ لاٻارو سرڌ ۽ نہ، ۽ اسان جيڪي ڏکو آهي، هار جي موسم ۽ مارچ، اپريل ۽ مئي جي مهينن ۽ هوندو آهي. هڪ زراعت پيشي مانهو" لاءِ لاٻاري جو وقت، ڪم از ڪم ٻئي سال ۽ لازمي طور خوشي" جي موسم هوندو، آن جون ٻوران ڏري، جڏهن هو گهر ڪٿي ايندو آهي، تڏهن ڪيس سندس ٻوڙ ۽ انتظار ڏري" محنت جو انعام ملندو آهي. ان جي باوجود، جيڪڏهن قديم مصري هاري" کي اناج لٿ ۽ ان سان ٻنهنجن گندمن کي ڀرڻ ۽ هڪ خفيہ خوشي محسوس ٿيندي هئي، تہ نہ، هن لاءِ اهو ضروري هو تہ هو انهيءَ قدرتي جذبي کي انتهائي السرد گيءَ جي تہ هيٺان ٻوشيده رکي. جو تہ، چا، هو آن - ديوتا جي جسم کي ٻنهنجي ڏاڙي سان جدا نہ ڪري رهيو هو ۽ چا، هو گياه جي ميدان ۽ ان کي ڏڪ جي ڪرڻ هيٺان ڇڻي ۽ چيڙي نہ رهيو هو؟ چنانچہ، اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ قديم مصر جي لاٻاري لاهينڊڙ ۽ آن جي ٻهرين" مٽ وڌڻ وقت سڀني ٻڌن، ورلاپ ڪرڻ ۽ ساڪئي وقت آنسين ديوي" کي ٻڪارڻ جي رسم هئي. معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ ٻڪار غمگين مرڻ جي صورت اختيار ڪئي هئي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي روٽائن "مائيروس" جو نالو ڏاو هو، ساڪي لسر جا دردناڪ سٽر نوٽيشيا ۽ اولهه ايشيا جي ٻن علائقن جا لاٻارو ڪندڙ ۽ آلاپندا هٿا. ممڪن آهي ته اهي سڀئي دردناڪ گيت الاڄ جي ديوتا لاءِ، جو لاٻاري ڪندڙن جي ڏاڏڻ سان لتل ڪيو ويو هو، ورلاپ هٿا. مصر ۾ اهو مقتول ديوتا اوسورس هو، ۽ مرڻ سان وابسته لفظ "مائيروس" ڪن اهڙن لفظن مان حاصل ڪيل معلوم ٿئي ٿو، جن جي معنيٰ، "ٻنهنجي گهر اڄ" آهي، جي مثل ديوتا جي شاهي ۽ جاڄا ايندا رهن ٿا.

ساڪي ٿي لسر جون رسمون ٻين ٽوٽن ۾ ادا ڪيون آهن، جي شايد ساڪي مقصد لاءِ هيون. چنانچه، جيو وجي ٿو ته ٻن سيني مان آڻ ڪي، جنهن ماڻ ظاهري طور مڪائي جو مطلب آهي، ڪڙهن هندستانين جي "جيروڪي" ٽيلي وارن جي گهرٻلو اقتصاد ۽ رسم و رواج جي ادائگي ۽ ٻيرون مقام حاصل آهي ۽ اهي ان کي "ٻوڙهي" عورت" جي نالي سان پڪاريندا آهن، جو ان جو واسطو هڪ اهڙي" ڏندڪتا سان آهي، جنهن ۽ جيو ويو آهي ته الاڄ جو اهو لسر هڪ ٻوڙهي" عورت جي رت مان ايرايو هو، جنهن کي سندس نافرمان ٻڌ لتل ڪيو هو. نصل جي آخرين ويڪاڻ ٻوهه هڪ ٻادري ۽ سندس ناٽب ٻني" ۽ ويندا هٿا ۽ الاڄ جي روح کي پڪارڻ لاءِ گيت ڳائيندا هٿا. ان کان ٻوه ٻني" ۽ وڏي آواز ساڻ سٽر سٽر ٻڌڻ ۾ ايندي هئي، جنهن کي "ٻوڙهي" عورت" جو، ٻني" ڏاڏهن آن آڻ وٽ ٻڌا ڏيندڙ آواز سمجهيو ويندو هو، "ته جيئن آن کي گهر ۾ رهن لاءِ همت ڏياري وڃي ۽ اهو ٻني ڪنهن هنڌ رڻ نه وڃي." هڪ ٻي عجيب و غريب رسم، جنهن جي ٻادگيري ۽ هن وقت ذري گهٽ فراموش ڪئي ويئي آهي، هي" هئي ته الاڄ جي ٻاڏن" سڪ جي ويڙ کان ٻوه ٻادري ۽ ٻني" جو مالڪ، واري ڏي" ساڻ ٻني" جي چٽي ڪنڊن ماڻ هرهڪ ٽي ڀيري زور زور سان روئيندو ۽ رڙندو هو. خود ٻادري ۽ هن وقت الهي" ڪارنامي جي سمجهائي فراهم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ڪان ناصر آهن، جو شايد "سيلو"، يعني "الاڄ جي اوڙهي عورت" جي خوارزي" واري موت تي هڪ قسم جو ماتم هو. جيروڪي قبيلي وارن جي انهن رواجن ۽ "الاڄ جي اوڙهي عورت" لاءِ ماتم ۽ ڪارون مصر جي هيرن وديل آن"ي ماتم ڪرڻ ۽ آلسيس ديوي" ڪي، جا خود شايد ٻنهنجين مختلف صورتن مان هڪ ۽ "الاڄ جي اوڙهي عورت" هئي، ڪارڻ جي قديم رسمن سان مشابهت ڪائين ٿيون. ان کان علاوه، ٻني" کان وٺي گهر تائين، صاف ٻچري رکڻ جي جيروڪي قبيلي وارن جي خبرداري مصرين جي اوسيرس واري" دعوت، "ٻنهنجي گهر اڄ" سان مشابهت رکي ٿي. ساڳي" ريت، ايست انديز جا مالهو اڄ" تائين "جانورن جي روح" کي ٻين مان ان جي ديري تائين آڻڻ لاءِ ڏکيون رسمون ادا ڪندا آهن. مشرقي آفريڪا جي "نندي" قبيلي وارا سيڙهبر جي سهڻي ۽، جڏهن "ليوسين" الاڄ ٻڌن ۽ هوندو آهي، تڏهن هڪ رسم ادا ڪندا آهن. هر اهڙي عورت، جنهن کي ڪوڪيت هوندو آهي، سڏا ٻنهنجين ڏيئرن سان گڏجي ٻڌن ۽ ويندي آهي ۽ اتي هڪ خاص وڻ جي ڀرين ۽ ٻڌ مان ٻاهر، جو وڏو سڄ ٻاريندي آهي. ان کان پوءِ آهي ڪجهه الاڄ ٻڌي، منجهائن هرهڪ ڇڻي هڪ هڪ ڊاڙو ٻنهنجي هار ۽ وجهندي آهي ۽ هڪ هڪ ڊاڙو وات ۽ ڇاڙي ان کي ٻنهنجي ٻڪالي" ڪچي" ۽ ڇاتي" تي ملينديءَ آهي. الهي" موتمي تي عورتون ڪنهن ۽ قسم جي خوشي ڪا ملهائيندڙون آهن ۽ اهي نهايت غمگين حالت ۽ آن جو هڪ ٽوڪرو وڏي گهرڪٽي ويندڙون آهن، جتي آن کي سڪائن لاءِ ٽوڪري کي کوٽي تي رکيندڙون آهن."

الاڄ جي روح جو لاباري وقت اوڙهي ۽ مٽل مالهو" جي صورت ۽ نظرين، معاب جي عراڪ جي هڪ رسم ۽ صاف طرح سمايل" هو. لاباري ڪندڙ، جڏهن ٻنهنجو سڄو ڪم ذري ڪهت مڪمل ڪري چڪو هوندو آهي ۽ ٻاڦ ٻني" جي هڪ ٽيڙي ڪنڊ ان ٽڪل ڇڻندي آهي، تڏهن ٻني" جو مالڪ ڪنڊ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٽ ڪٿي، ان کي پڌندو آهي. ان کان پوءِ ٻئي ۽ ٽيرانما هڪ ڪڏ ڪوئي ويندي آهي، ۽ ان جي سوراخ ۾ پيرالڏي ڪان هڪ هڪ پٿر سڏو ڪري اڇن ڏيڪارو ويندو آهي، جئين هڪ رواجي دفن وقت ڪيو ويندو آهي. ان بعد، ڪنڊ جي مٽ ڪڏ جي ٻري ۽ رکي ويندي آهي ۽ ان وقت شيخ هي الفاظ ادا ڪندو آهي ته "پوڙهو مري ويو آهي". ان کان پوءِ ماڻ کي ڏکڻ لاءِ مٽي آڇلائي ويندي آهي ۽ هي دعا پڙهي ويندي آهي، "شل الله اسان ڏانهن مڙڻ جي رستي واپس آڻي!"

۲- سرڪاري رسمون: اڳتي هلي مڪي واقعا تدبر مصر جي هاري ۾ جي ڪليندر جا ۽ اهي هيون اهي سادون مذهبي رسمون، جن جي ذريعي هو الهن کي ادا ڪندو هو. پر اسان کي اڄ ۽ سرڪاري ڪليندر جون اوسيرس واروون تقريبون ان حد تائين، جيستائين الهن جو ورتالي مصنفن ايان ڪيو آهي، يا الهن جو يادگارن ۾ ذڪر ٿيل آهي، سي اڃا غور آڻيون آهن. الهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ ۾ هي ڪالهه ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي ته تدبر مصري ڪليندر جي ڪاڏڙ ڪهڙاڏڙ سال سبب سرڪاري تقريبن جون حقيقي يا منجهي تاريخون ۽ سال بسال، ڪم از ڪم سنه ۳۰۰ ق.م تائين، جڏهن اسڪندري ڪليندر اختيار ڪيو ويو، تبديل ٿيندا رهنديون هونديون. الهي وقت کان وٺي اڳتي، ظاهر طور تقريبن جون تاريخون ٿين ڪليندر مطابق مقرر ڪيون ويندي هيون ۽ اهڙي طرح شمسي سال جي سڄي دوران ۾ الهن جو ڦرڻ گهڙڻ بند ٿي ويو. بهرحال، ٻارتاڻ ٻارنهن صدي جي آخر ڌاري ڪيدي اشارو ڪري ٿو ته الهي زمالي ۾ اهي مقرر ٿيل هيون، ۽ ته ڪهڙاڏڙ جو ته حالانڪ هو اسڪندري ڪليندر جو واضح طرح ٻالو ٿو ڪٿي، ان جي باوجود، هو مختلف ڏڻ جون تاريخون ان مطابق ٿي ٻڌائي ٿو. ازالسواهه ايسي جو ڏکو ڏڻ جو ڪليندر، جو شهنشاهي دور جو اهم ٽرين دستاويز آهي، سو ظاهري طرح مقرر ٿيل اسڪندري سال تي مبني آهي، جو ته اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن سال جي ڏينهن کي انهيءَ ڏينهن سان شناخت ڪري ٿو، جو اٽڪيهين آگسٽ سان لهڪي ٿو ۽ جو اسڪندري سال جو ٻارهون ڏينهن هو، ۽ ان جا ٻيل درياه جي چاڙهه، آسمان ۽ سج جي منزلن ۽ زراعت جي ڪارروائن ڏاڍهن جهڪي حوالا ڏنل آهن، جي سڀ انهيءَ قياس سان لهڪي اچي ٿا. چنانچه، اسين هن حقيقت کي بخوبي ڏسي سمجهي سگهون ٿا. ت. سنه ۳۰ ق.م. کان اڳ مصري نقريبن شمسي سال موجب غير متبدل نوعيت جون هيون.

هيروڊوٽس ٻڌائي ٿو ته اوسيرس جي قبر زيرين مصر ۾، سائس نالي هڪ مقام وٽ هئي، جتي هڪ ڏند ڪٿا جي رات جي وقت ديوتا جي ڏکڻ ڏاڪڻ جي هڪ پوشيده راز واڱر نمائش ڪئي ويندي هئي. ديوتا جي انهيءَ تڪليف جي ياد سال ۾ هڪ دفعو ملهائي ويندي هئي، ماڻهو ديوتا جي موت تي غم جي اظهار ڪرڻ لاءِ ماتم ڪندا، ۽ پنهنجا سينا ڪٽيندا هئا ۽ سواهري روغن لڳل ڪالهءَ مان ٺهيل ڪٻوءَ جي هڪ مجسمي کي، جنهن جي سگهن جي وچ ۾ سواهري سج ايهاڙيل هوندو هو، ان جي ڪمري مان باهر ڪڍي، جنهن ۾ آهو سال جي ڀالي حصي تائين رکيل هوندو هو، ڦيرايو ويندو هو. ان ۾ شڪ ناهي ته ڪٻوءَ، خود آسوس ديويءَ جي نمائنده هئي، جو ته ڪٻوءَ ان لاءِ مقدس هجڻ ۽ جڏهن ۽ آسيس جو مجسمو ٺاهيو ويندو هو، تڏهن اڃ جي مٽي ته ڪٻوءَ جا سگهه ڏيکاريا ويندا هئا، يا ڪڏهن ته ڪوس ڪٻوءَ جي مٽي ۽ ٻاڦ عورت جي بدن سان ڏيکاريو ويندو هو. ممڪن آهي ته ڪٻوءَ جي صورت واري سندس مجسمي کي باهر ڦيرائڻ جو مطلب اهو هجي ته ديوي پنهنجي مڙس ديوتا، اوسيرس جي لاش جي جستجو ڪري رهي هئي. جو ته هڪ ساڪيءَ رسم جي، جا هلوتارچ جي رات ۽ سواري جي نندي کان نندي ڏينهن تي ملهائي ويندي هئي، ۽ جنهن ۾ انهيءَ ڪاپي ڪٻوءَ کي مندر جي چوڌاري سڌ دفعا ڦيرايو ويندو هو، اهائي مقامي مصري سمجهائي هئي. انهيءَ تقريب جي وڏي خصوصيت اها هئي، جو رات جي وقت چراغاڻ ڪئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ماڻهو پنهنجن گهرن جي باهران تيل جا ڏيئا بارينداهئا، جي سڄي رات تائين برندا رهندا هئا. اها رسم سالمس تائين محدود ڪانهه هئي، پر سڄي مصر ۾ ادا ڪئي ويندي هئي.

سال جي هڪ رات تي گهرن ۾ چراغان ڪرڻ جي رسم ماڻهه ڪالهه قابل قياس نظر اچي ٿي تہ اها تقريب، يا فقط مثل اوسيرس جي، ۽ عام طرح سيني سئلن جي ياد گار طور ملهائي ويندي هئي، ان لفظ ۾ ڪٿي چنجي تہ اها "سيني روحن جي رات" هئي. چو تہ هن اعتقاد عام چار آهي تہ سئلن جا روح سال ۾ هڪ رات تي پنهنجن گهرن ۾ ايندا آهن، ۽ انهن سنجيده موقعي تي، ماڻهو انهن روحن جي آڇاڪ ڪرڻ خاطر انهن لاءِ کاڌو پيتو رکندا آهن ۽ ابر کان وٺي گهر تائين ۽ واپس، انهن جي اولاهي رستي کي روشن ڪرڻ لاءِ ڏيئا بارينداآهن. هيروڈوٽس، جو انهن تقريب جو مختصر بيان ڪري ٿو، ان جي تاريخ جو ڪو ذڪر نہ ٿو ڪري، ۽ اسين ان کي امڪان جي ڪنهن حد تائين ان ذريعن مان معلوم ڪري سگهون ٿا. چنانچہ، پلوٽارچ چوي ٿو تہ اوسيرس کي اٺين مهيني جي سترهين تاريخ تي قتل ڪيو ويو هو، ۽ ان ڪري مصري ماڻهو اٺين مهيني جي سترهين تاريخ کان وٺي، ڇهن ڏينهن تائين ماتمي رسمون ادا ڪندا هئا. هاڻي اسڪندري ڪئلينڈر مطابق، جنهن کي پلوٽارچ استعمال ڪندو هو، اهي چار ڏينهن نومبر مهيني جي اٺرهين، چوڏهين، پندرهين ۽ سورهين تاريخ سان ٺهڪن ٿا. اها تاريخ پلوٽارچ جي ڏنل اشارن سان، بلڪل ٺهڪي اچي ٿي، جن ۾ هو چوي ٿو تہ انهن تقريب جي مولعي تي تيل درياه ڏي ڀاڻي لهندڙ هو، آٽر ۾ هوائن جو زور گهٽجندڙ هو، راتيون ڏکيون ٿيندڙ هيون ۽ وڻ مان ان ڇڏندا هئا. انهن ڇهن ڏينهن جي دوران ۾، هڪ گيلني ڪٿوڪ جي ڪارڻ ڪري ۽ ويڙهيل مجسمي جي آئسيس جي حيثيت ۾ عوام اڳيان نمائش ڪئي ويندي هئي. ان ۾ شڪ ناهي تہ اهو ساڳيوئي مجسمو هو، جنهن جو هيروڈوٽس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهيءَ تقريب جو بيان ڪندي، ذڪر ڪيو آهي. مهيني جي آٽويهين تاريخ تي ماڻهو سمنڊ تي ويندا هئا ۽ سندن هادري هڪ لنڊڙي زيارت ڪڻي هلندا هئا، جنهن ۾ هڪ صندوق رکيل هوندي هئي. الهيءَ صندوق ۾ هو تازو ڄاڻي هاريندا هئا، جنهن کان پوءِ تماشائي بلند آواز سان چوندا هئا ته اوسيرس لڏو آهي. ان کان پوءِ اهي ڪنهن ڪوئل ياڄيءَ جو چاڻو ڪڻي، ان کي ڄاڻيءَ سان ٽڪري، منجهس لوڻ، مصالحا ۽ خوشبوئون ملائي، ان کي لنڊڙي جنڊ جي صورت جوڙي مجسمي ۾ تبديل ڪري، ڪيس لوڻ جسم ۽ زور ڏارائيندا هئا. چنانچ، معلوم ٿئي ٿو ته جن رسمن جو هاڻوڪي ذڪر ڪري ٿو، تن جو مقصد هنن ڪالهين جو ڏاماڻي انداز ۾ اظهار ڪرڻ هوندو هو: هڪ اوسيرس جي لاش لاءِ جستجو ۽ پوءِ ان جو برآمد ٿيڻ، جنهن کان پوءِ ديوتا جو ٻيهر جنم ٿيندو هو، جو ياڄيءَ جي ڄاڻي ۽ مصالحن جي صورت ۾ نئين زندگي اختيار ڪندو هو. لڪڻيش اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ته الهيءَ مولعي تي ويچاري، جڏ جي سڄي بدن جا وار ڪوڙيل هوندا هئا، پنهنجا سينا ڪٽيندا ۽ ماتم ڪندا ۽ مغموم آسيس جي پنهنجي بت، اوسيرس لاءِ جستجو جو لقل ڪندا هئا؟ ڪيئن نه بعد ۾ جڏهن گدڙ جي سيءَ وارو ديوتا، انوبيز، يا ان جي بدران هڪ سالڪ رچائيندڙ، هڪ لنڊڙو ٻار آڻي ڏيندو هو، جو الهيءَ وچايل ديوتا جو جيئرو نمائندو هو، جيڪو گم ٿي وري دستياب ٿيو هو. چنانچ، لڪڻيشين جي خيال موجب، اوسيرس آسيس جو بت هو ۽ نه مڙس، نه وري هو انهنجي ايان ۽ ڪٽي ۽ ياڄيءَ جي ڄاڻي جو ذڪر ڪري ٿو. ممڪن آهي ته جيڪو لنڊو چوڪرو مقدس ڏاسي ۽ ڪر ڪندو هو، سو اوسيرس جو نه، ۽ سندس بت، هورس جو ڪردار ادا ڪندو هو، ۽ جيئن ته ديوتا جي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جي تقريب مصر جي گهڻن ئي شهرن ۾ ملهائي ويندي هئي، ان صورت ۾ امڪان آهي ته ڪن شهرن ۾ زنده ٿيل ديوتائن جو ڪردار مجسمي بدران زنده ماڻهو ادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو هو. هڪ ٻيو عيسائي مصنف لکي ٿو ته ڪيٿن نه مصري، ڪوڙيل مڙن سان، ڏاڍ ايل اوسورس جي مجسمي مٿان سال سال ماتر ڪندا، سينا ڪٽيندا، ڪلها چوريندا ۽ ٻڌنجن پراڻن زخمن ڪي تيسين تازيندا رهندا هٿا جيسين، ڪٿن ڏينهن جي ماتر سرائي ڪان پوءِ، آهي ديوتا جي چوريل لاش کي لهه جي دعويٰ ڪندا ۽ خوشيون ملهائيندا هٿا. بهرحال، اي سکهي ٿو ته الهيءَ رسم جي اڪيلائي ۽ جاڃا سڪجي، فرق هجي، مثل ديوتا جي لاش کي لهه ۽ شايد ان کي دوباره زندگي بخشڻ جو ڏوڪ، مصر جي تقريباتي سال جو هڪ وڏو موقعو هوندو هو. الهيءَ موقعي تي جيڪي خوشيءَ جون رڙيون ۽ شور و غل مڃايو ويندو هو، تن جو ذڪر يا حوالو ڪٿن قديم مصنفن ڏنو آهي.

اوسورس جي موت ۽ جيڪي رسمون مصر جي سورهن ارڪٽن ۽ ادا ڪيون وينديون هيون، سي ڪاميءَ جي دور جي هڪ طويل تحرير ۾، جي ڏينڊيره وٽ، جنهن کي يونالي ليٽاڙا چوندا هٿا، ديوتا جي مندر جي پٺين ڀٽ اکريل آهن، اهي ڪيل آهن، اهو شهر مصر جي بالائي حصي ۾، ايل درياه جي اولهندي ڪناري، آهن ڪان ڪاليهه ميل دور واقع آهي. بدقسمتيءَ سان اها خبرچار جيتوڻيڪ ڪٿن ڪالهون ۽ پرپور ۽ باريڪ آهي، ان جي باوجود، تحرير ۾ اختيار ڪيل جوڙجڪ اڃڻي منجهيل آهي، جو ان مان الهن رسمن جو صاف ۽ يڪسان ٻاڻ، من حيث‌الجموع، مشڪل سان سکڻي سگهجي ٿو. ان کان علاوه، اسان کي الهيءَ دستاويز مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي رسمون مختلف شهرن ۾ ڪجهه قدر مختلف هونديون هيون، مثال طور، ابائيڊوز جون رسمون سموريز جي رواجن کان مختلف هيون. مقامي رسم و رواج جي خصوصيات جي سراغ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان اڳ اسان کي الهيءَ تقريب جي ٻين خصوصيتن کي، جيتري قدر اهي ڄاڻ ۾ پٽن سان معلوم ڪري سگهون ٿيون، مختصر طور ٻڌائڻ ڪريان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي رسمون خوشيءَ مهيني جي اوڙهن ڏينهن، يعني بارهين تاريخ کان وٺي ڏهين تائين هلنديون هيون ۽ اوسيرن کي سندس ڪ-طرفي حيثيت ۾، نمايان ڪنديون هيون — مثل، عضوو عضوي کان جدا ٿيل ۽ آخرڪار ان جي منتشر عضون جي ميلاپ سان دوباره وجود ۾ آهي. انهن خصوصيتن سان ڀرين ۽ ان کي جينت-آمينت (خيالي-آميتي) ٻي ۽ اوسيرس-سيب ۽ ٽين ۽ سوڪاري (سيڪر) سڏيندا هئا. ديوتا جا نالا ڏيڻ مجسما ريتي، يا ڇاپن جي مٽي ۽ آن سان ناهيا ويندا هئا، جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خوشوودار ڏوپ ملايو ويندو هو، سندس منهن کي ٻيلو ۽ ڳلن جي هڏڻ کي سائو رنگ هنيو ويندو هو. انهن مجسمن کي خالص سون جي سانچي ۾ ڀگهاريو ويندو هو، جو ديوتا جي "سمي" جي حيثيت ۾، جنهن جي مٽي تي اڇو تاج رکيل هوندو هو، نمائندگي ڪندو هو. انهيءَ تقريب جي خوشيءَ مهيني جي بارهين ڏينهن تي، هر هلائڻ ۽ ڇڻ جي رسم جي ادائگيءَ سان ابتدا ڪئي ويندي هئي. ڪاريون ڪٽون هر سال جوانيون ويندڙيون هيون، جو هڪ خوشوودار ڪاليءَ منجهان ٺهيل هوندو هو ۽ هر جي جولي ڪاري تامي منجهان ٺهيل هوندي هئي. هڪ چوڪرو ڇڻيندو هو، ٻيءَ جي هڪ ڪنڌ ۾ جَوَ، ٻيءَ ڪڪ ۽ ڇ ۾ وري ڪڪس ٻوڪي ويندي هئي. انهيءَ ڪارروائيءَ جي دوران ۾، خوشي ملهائيندڙن جو سرواره "ڇين جي اوڪ" جي رسم ادا ڪرڻ جو باب اڙهندو هو، ٻوسيراز ۾، خوشيءَ مهيني جي وهڻ تاريخ تي ديوتا جي "باغ" ۾، جا هڪ قسم جي گلن جي وڏي ڪوٺي هوندي هئي، ريتي ۽ جَوَ وڌا ويندا هئا. اها ڪارروائي ڪٽون-ديويءَ، شينٽيءَ جي زوروڪي ويندي هئي، جنهن جي نمائندگي ظاهري طور "سڪامور" وڻ جي روشن لڳل ڪاليءَ سان ٿيل ڪٽونءَ جي مجسمي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن جي پيٽ اندر ننڍا سمي واري مالهوءَ جو هڪ مجسمو رکيل هوندو هو. "ان کان پوءِ ديويءَ ۽ 'باغ' جي مٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوڻ جي هڪ ارڻ منجهان سيلاب جو تازو پاڻي اوٿيو ويندو هو ۽ ديوتا جي ڏرتي ۽ ڏاڻ ڏيڻ ڪاڻ اوه ڏينن سر زلده ڏيڻ جي علامت طور جَوَ ڪي وڏڻ ڏيو ويندو هو، ڇو ته باغ جو واڌارو ديوتائي وجود جو واڌارو آهي. خوڻياڪ مهيني جي چوويهين تاريخ تي، اين ڪلاڪ وقت اوسيرس جا مجسما، جنهن جي ايمان ۾ ديوتائن جا چوڏه مجسما هوندا هئا، "اپائرس" ٻوڙي جي ڪالي ماڻ ڏيڻ چوڏهن ننڍڙن ٻڙين ۾ وجهي، جن ۾ڏي سو منجهند ڏيڻا روشن ڪيا ويندا هئا. هڪ خفيه ۽ رازداري واري سفر تي موڪليا ويندا هئا. خوڻياڪ مهيني جي چوويهين تاريخ تي سڄ غروب ڏيڻ بعد، اوسيرس جي مجسمي کي تابوت جي ڪالي ماڻ ڏيڻ صندوق ۾ وجهي قبر ۾ ڏاڻ ڪيو ويندو هو، ساڳي رات جو ڏينهن ڪلاڪ وقت، ديوتا جي مجسمي کي، جو گذريل سال ڏاهيو ۽ ڏاڻ ڪيو ويو هو، قبر مان ڪڍي "منڪامور" قسم جي وڻ جي ڏاڻن ۾ رکيو ويندو هو. سڀ ڪاڻ اوه، خوڻياڪ مهيني جي ڏهين تاريخ تي ماڻهو مقبره ڏاڻهن ويندا هئا، جو هڪ زمين دوز ڪمرو هوندو هو، جنهن جي مٿان "برسي" قسم جي وڻ جو جهڳٽو جميل معلوم ٿيندو هو. الهي ڪتبڻ ۽ مغربي دروازي ڪان اندر داخل ٿي، هو صندوق ۽ ٻئي ڏيوتا جي مجسمي کي نهايت تعظيم ۽ تڪريم سان ڪمري ۽ ٻئي "ريتي" تي رکيندا هئا. اهڙي طرح اهي ڪيس ڏاڻ ڪري، مشرقي دروازي ماڻ باهر نڪري ماٻري مان هليا ويندا هئا. اهڙي طرح خوڻياڪ مهيني جوڻ رسمون ۽ تقريبون ختم ٿيندڙن هيوڻ.

الهي تقريب جي متذڪره بالا ٻاڻ ۾، جو ديندڙه جي وڏي آڪريل ڪتب، ماڻ ڪيو ويو آهي، اوسيرس جي ڏاڻ کي ممتاز جاه ملي آهي. پاڻي هن جو، دوباره زلده ڏيڻ جي حقيقت ڏاڻهن لڪل اشارو ڏيل آهي ۽ ان جو واضح طور اظهار ڏيڻ کوٿهي، دستاويز جي الهي خامي کي خاڪي جي هڪ سلسلي سان، جي الهي تحرير سان گڏ ڏنل آهن ۽ جن ۾ ان جا مثال ڏنا ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، پر ڪيو ويو آهي. انهن خاڪن ۾ اهڙن نظارن جو هڪ سلسلو ڏيکاريو ويو آهي، جن ۾ مثل ديوتا، هڪ "مي" واڱر پهنجي ڪنڌ جي ڪوڙي ۽ ويڙهيل سيڙهيل جڪا تي ليٽيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ هو پاڻ کي بتدريج مٿي ڪندو، آخرڪار چڪيا کي چڏي پنهنجي آئسيس جي محافظ ارڻ جي وچ ۾ سڏو ڪي ويٺو آهي، جا هن جي پٺيان بيٺي آهي ۽ هوڏانهن وري هڪ مجسمو ديوتا جي اکين آڏو "ڪرڪس انسالا"، يعني زندگي جي مصري علامت کي جهلي ويٺو آهي. ديوتا جي ٽئين سر زنده ٿيڻ جي حقيقت کي هن کان زياده تفصيلوار خاڪي وسيلي عيان ڪرڻ مشڪل هو. انهي ساڳئي واقعي جو اظهار، جيڪو ٻلاڻي وٺ آئسيس جي مندر ۾ هڪ ڪمري اندر ڪيل آهي، جو اوسيرس جي ٽالي ۾ ارڻ ٿيل آهي، سواڇا ۽ زياده معلومات سان پريل آهي. ان ۾ اوسيرس ديوتا جو جنازو ڏسون ٿا، جنهن سان اناج جا سلا نڪري آيا آهن ۽ جن کي پادري هڪ ارتن سان پاڻي ڇڙي رهيو آهي، جو سندس هٿ ۾ جهليل آهي. ان تي جيڪا تحرير آڪريل آهي، تنهن ۾ ڇيل آهي ته "هي" انهي جو ٻولو آهي، جنهن جو ڪنهن کي ٻ ٽالو وڻ نه ڪوڙجي — غيب جي پوشيده رازن وارو اوسيرس، جو واپس ايندڙ پاڻي سان جمي نڪري ٿو" تصوير ۽ الفاظ تي ڪڏي غور ڪرڻ سان هن ۾ ڪنهن شڪ ۽ شبهي لاءِ ڪا گنجائش باقي نه ٿي رهي ته هن حالت ۾ اوسيرس کي اناج جي شخصيت طور تصور ڪيو ويو هو، جو بنيو ۾ آن وقت کان پوءِ ايري ٿو، جڏهن سيلاب جو پاڻي ان کي سيراب ڪري وڃي ٿو. تحرير مطابق، پوشيده رازن جو اندروني ڪارآمد ڪپ، ۽ سيني کان زياده خفيه رکيل راز اهوئي هو، جو فقط انهن تي واضح ڪيو ويندو ويندو هو، جن کي ديوتا جو اڃ حاصل ٿيل هوندو هو. ساڳئي طرح، ايليوسيز ۾ ڊيميٽر جي سائن ۾، اوجاڻن کي سندن مذهب جي مرڪزي راز طور اناج جو هڪ ٽڪيل سنگ ڏيکاريو ويندو هو. اسين هينئر هن حقيقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مڪمل طرح سمجهي سگهون ٿا ته خوشيءَ سان مينهن جي بچ
چئن واريءَ وڏيءَ تقريب ٿيٽر، اوجاري مٿيءَ ۽ آنءَ مان تيار
ڪيل اوسيرس جا مجسما زمين ۾ چو دفن ڪندا هئا. سال جي
پڇاڙيءَ، يا ان کان ڪجهه ٿورو عرصو ڪڻڪ بعد، جڏهن اهي
مجسما دوباره ڪڍيا ويندا هئا، تڏهن اوسيرس جي جسم منجهان
ان جا سلا نڪتل نظر ايندا هئا. آن جي الهه سڪن کي هڪ
نيڪ فال، يا ڪٿي ڇڇجي ۽ فصلن جي آبرڻ جو سبب، سمجهيو
ويندو هو، اناج جو ڏيوتا الاج کي پهنجي بدن مان پيدا ڪندو
هو. هو پهنجو بدن ماڻهن کي کائڻ لاءِ ڏيندو هو، هو مرندو
هو، ۽ جيئن اهي زنده رهن.

پهنجي الهيءَ عظيم ڏيوتا جي موت ۽ دوباره زنده ٿين
جي حقيقت مان مصري ماڻهن، نه فقط هن زندگيءَ ۾ پهنجو
سهارو ۽ جياپو حاصل ڪندا هئا، پر قبر جي پويءَ ڪنڊيءَ آي
ها، ايندي زندگيءَ جي اميد رکندا هئا. الهيءَ اميد جو بلڪل صاف
اظهار اوسيرس جي الهن عجيب و غريب مجسمن ۾ ڪيل آهي،
جي مصري قبرستانن منجهان دستياب ٿيا آهن. چنانچه، ٽيبس ۾
واقع "بادشاهن جي ماڻريءَ" مان هڪ شاهي ڪي-اردار جي قبر
لڌي ويئي آهي، جو سنه ۱۰۰۰ ق.م واري زماني ۾ رهندو هو،
قبر ۾ ڪيل قيمتي ساز و سامان ۾ هڪ چڪيا، شامل هئي، جنهن
تي ڪالن مان ٺهيل هڪ تسر جو گاديلو رکيل هو، جو ڪاڙي
جي ڪن ڪن سان ڍڪيل هو. ڪاڙي جي باهرين تهه مٿان
اوسيرس جو قد آدم مجسمو ڇاپيل هو، مجسمي جي اندروالي حصي
۾، جو هاليءَ کان متاثر ٿيل وارو نه هو، پاڇيءَ جو ڪوٽ چاڙهي،
جنهن ۾ هڪ ڪهاڙي، جنهنڊڙ ڪاڙي شيءَ ايل هئي. جنهن مان
ٽي چار انچ ڏکها سلا نڪري چڪا هئا. هوڏانهن وري مائڻوواس
۽ "اوسيرس" جي مجسمن جا مختلف حصا موجود هئا. اهي ڪاڙي
۽ ٻڌل ان جي ڏاڙن مان اوسيرس جي اي ڏولي مجسمي واڪر
جوڙيل هئا ۽ قبر جي ڀاڪ ۽ مرڻ جي ٻيل هڪ ڪاڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙي" ۽ کڏهن وري هڪ ٻاز جي "مي" جي صورت ۽ ڏيکل ڪاٺ جي صندوق ۽ ۽ کڏهن بغير ڪنهن صندوق جي، رکيل هئا." آن" جي ڏاڻن سان ٻرهل انهن مجسمن کي "مي" وانگر ڪپڙن ۽ وڙهيو وار هو، جن تي ڪٿي ڪٿي سواهري رنگ چڙهيل هو، جو سون جي انهي" سالچي جي نقل خاطر ڪيل هو، جنهن ۽ بج ڇڏ واري" تقريب جي موقعي تي اوسيرن جا ساڪٽي قسم جا مجسما ناهيا ويندا هئا. وري ٻئي طرف، ٽيهين جي ٻرسان اوسيرس جا اهڙا مجسما دفن ڪيل مليا، جن جون شڪليون سبز رنگ جي مين جون ڪيل هيون ۽ سندن الدرواي حصا آن سان ٻرهل هئا. آخر ۽ پروفيسر ارمٽن اسان کي بڌائي ٿو ته "مين" جي ڪنگن جي وچ ۽ کڏهن کڏهن اوسيرس ديوتا جو مجسمو رکيل هوندو آهي، جو ڪپ سان ڪيل هوندو آهي، اهو مجسمو اناج جي ڏاڻن سان ٻرهل هوندو آهي ۽ ان جي سڀ ڪنڊ جو مقصد ديوتا جي ڄمڻ جنم جي علامت هوندو آهي. "هن باري ۽ اسان کي ڪنهن ۽ شڪ ۽ شبهي ڪرڻ لاءِ ڪنجائش ڪاڏهي ته بج ڇڏ واري" تقريب وقت، جهڙي" طرح اوسيرس جي اناج سان ٻرهل مجسمن کي زمين اندر دفن ڪرڻ جو مقصد بج جي ڪنڊ ۽ تيزي ۽ پيدا ڪرڻ جو هو، بلڪل ساڳيءَ طرح اهڙن مجسمن جي ڪور ۽ دفن ڪرڻ جو مقصد ۽ مڙدن جي ڪنهن سر جيڏي ڪنڊ ۽ تيزي ۽ پيدا ڪرڻ، يعني هن لفظن ۽ انهن جي روحاني اهميت جي خاطري ڪرڻ جو هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چاليهون

اوسيرس جي نوعيت

۱- اوسيرس، اڃاڄي ڏيوتا جي حيثيت ۾ : اوسيرس جي اڪثر ٻڌل ساڻ جي مٿي ذڪر ڪيل چڪاس، هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته اهو ديوتا هڪ حيثيت ۾ اڃاڄ جي شخصيت جو مظهر هو جو، ڪٽي ڇڏجي، ته هر سال مرندو ۽ ٻيهر جيئرو ٿيندو هو. سندس پوڄا ڪي اوڻ دورڻ جي بادرين جيتري ۽ شان و شوڪت ۽ رعب ۽ دٻدبي سان نوازيو هو. ۽ ان جي باوجود، سندس اڃاڄ جي ديوتا هڻ جو نظريو، سندس موت ۽ ٿيڻ سر جيتري ڏوڻ جي آهي ۽ تقريب سان صاف جهلڪ ڏيڻي رهيو آهي، جا اوائل ۾ خوشيءَ ۽ ٻوليءَ دور ۾ اظهار، مهمي ۽ ملهائي ويندي هئي. اها تقريب، خاص طرح ٻج ڇڻڻ جي تقريب هئي، جا اڃاڙي وقت ايندي هئي، جڏهن هڪ ڪڙمي ٻج ٻج کي زمين جي سپرد ڪندو هو. الهيءَ موڪلي ٿي اڃاڄ جي ديوتا جو مٿيءَ ۽ آن ساڻ ڏيل مجسمو ماڻهي رسمن سان زمين ۾ هن ڪري دفن ڪيو ويندو هو، ته جيئن هو آلي مري، ٿيڻ فصل سان گڏ ٿي ٿيڻ ولدگيءَ ۾ داخل ٿي. اها تقريب، درحقيقت، اڃاڄ جي واڌ جي خاطر ڪرڻ لاءِ، هڪ آهنگ جادوءَ جو هڪ ٽوڙ هئي، لهٰذا، اسين هيءَ لياس ڪري سگهون ٿا ته الهيءَ رسم کي اڃاڙي وقت کان گهڻو اڳي، جڏهن ان کي بادرين ڪليسا جي هڪ رعب دار رسم ۾ تبديل ڪري پاڻ لاءِ اختيار ڪيو، هڪ مصري ڪڙمي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پٽيءَ تي بلڪل سادي طريقي سان جادو جي هڪ ٽوڙي طور ادا ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوء عربن جي جديد ۽ بلا شبہ قديم "پوڙهي سالهوءَ" يعني ڪنڪ جي هڪ مٺ کي لاباري واريءَ زمين ۾ دفن ڪرڻ ۽ الهيءَ دعا ڪرڻ جي رسم ۽ ته شل هو اهل سمات وٽان واپس موٽي، اسان کي اهو جرئوم نظر اچي رهيو آهي جنهن مان ممڪن آهي ته الاج جي ديوتا، اوسيرس جي پوڄا ترليءَ جو منڊلون ٽئي ڪيون هجن.

ديوتا جي ڏندڪٿا جا تفصيل ۽ سندس نالي جي مفهوم سان چڱيءَ طرح ٿهڪي اچن ٿا. هن لاءِ جيو ويندو هو ته اهو آسمان ۽ زمين جو اولاد هو. الاج کي، جو الهيءَ زمين مان پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي آسماني ماڻيءَ ساڻ آباد ڪيو ويو آهي، تنهن کي هن کان بهتر ٻي ڪهڙي ولدیت ڏيئي سگهجي ٿي؟ سچ آهي ته مصر جي سرزمين ٻنهنجي آبادیءَ لاءِ نيل درياه جي مرهون منت هئي، ۽ آسماني وسکارن جي، ۽ مصر جي باشندن کي اها خبر هوندي يا انهن اهو قياس ڪيو هوندو ته الهيءَ عظيم درياه کي، ٻنهنجي ليکي، اهي سڀئن خوراڪ مهيا ڪندا هوندا، جي ملڪ جي دور دراز اندروني علاقن ۾ وسندا هوندا ۽ جي هيءَ ڏندڪٿا، ته اوسيرس ٽي هورون اهو شخص هو، جنهن سالهن کي الاج استعمال ڪرڻ جو سبق ڏنو، بلڪل قدرتي طرح، خود الاج جي ديوتا متعلق ٽي ٻيان ڪي ويندي هوندي. ان کان علاوه، ممڪن آهي ته هيءَ ڪاله، ته سندس ڇڪ ٿيل عضون کي ميڏانهن هوڏانهن منتشر، ۽ مختلف جاين ۾ دفن ڪيو ويو هو، ڇ ڇڻ يا واڙ ڪرڻ جي ڪارروائي جي تشريح ڪرڻ جو هڪ ڏندڪٿائي طريقو هو. الهيءَ اولمنءَ معنيٰ کي هن قصي مان تقويت-ملي ٿي ته آسيس اوسيرس جي منقطع ٿيل عضون کي آنءَ جي چاڻيءَ تي ڪٺي رکيو هو، يا امڪان اغلب آهي ته اها روايت ڪنهن سالهوءَ کي، جو ڪيٽو ڪري الاج جي روح جو نمائندو هوندو، ٻنين کي آباد ڪرڻ خاطر ذبح ڪرڻ ۽ ان جي گوشت کي تقسيم ڪرڻ يا سندس رڪ کي ٻنين ۾ منتشر ڪرڻ جي رسم جي ياڻي سالده ياد هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جديد يورپ ۾ "موم" جي مجسمي کي گهڻو ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو آهي ۽ اوءَ نصلن کي پاڻي ڪرڻ لاءِ انهن ٽڪرڻ کي زمين ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ۽ دنيا جي ڪن ٻين حصن ۾ جيڏن ماڻهن سان اها ساڳي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. جيستائين قديم مصرين جو سوال آهي، تن بابت اسان کي مالئيو جي اختياريءَ سان ٻڌايو ويو آهي ته اهي گاڙهن وارن وارن ماڻهن کي ساڙي، سندن رک کي چڻن سان منتشر ڪندا هئا، هيءَ ڪالهه انتهائي غور طلب آهي ته اها وحشي رسم بادشاهن طرفان اوسرس جي قبر تي ادا ڪئي ويندي هئي. اسان هيءَ ڏسڻ ڪري سگهون ٿا ته اهي ماڻهو خود اوسرس جي لهالندگي ڪندا هوندا، جن کي هر سال ذبح ڪيو ويندو هو ۽ جن جا عضوا جدا جدا ڪري، ڪين انهن ماڻهن جي علامت طور دفن ڪيو ويندو هو ته، جيئن آهي زمين اندر دفن ٿيل بيج کي تيزيءَ سان ابرڻ جي قوت بخشين.

اسڪان آهي ته قبل از تاريخ واري اوائلي دور ۾ بادشاه ڀاڻ ديوتا جو ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ ڪين الهيءَ حڪمت ۽ قتل ڪري، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هو. جيڏ وڃي ٿو ته سيت ۽ اوسرس، يعني ڪي ارڙهن ڏينهن جي حڪومت کان پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو، جنهن کان پوءِ الهيءَ واقعي جي ياد تازي رکڻ لاءِ، هر سال اڀري ٿي عرصي لاءِ هڪ تقريب ملهائي ويندي هئي. هڪ روايت آهي ته، روم جي اهرن ارمالرول، روسولس کي سندس سينيٽرن ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو ۽ انهن سندس جسم جي ٽڪرن کي زمين اندر دفن ڪيو هو، ۽ سندس موت جي روايتي ڏينهن، يعني ستين جولاءِ کي ڪن عجيب و غريب رسمن سان ملهايو ويندو هو، جي ظاهري طور انجر جي مصنوعي آهاديءَ سان واسته هوڻ. وري، يوناني روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته، ڪيڻ ته ٽيبس جي بادشاهه، ايتيئس ۽ ٿريشيا جي ايڊونين اسلڪ ڀاڻ ڏوکين جي بادشاهه، لائڪرگس، الگور جي ول جي ديوتا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديئولينس جي مخالفت ڪئي ۽ ڪيئن ٿر انهن بدڪردار بادشاهن سان هڪ ڪاوڙيل بڪائال ٻيلي وارن ماڻهن ۽ ٻئي ڪي گهوڙن، جهري ڏاڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري چڏيو. اهي روايتون ماڻهن، ۽ خاص طرح، خدائي بادشاهن ڪي ديئولينس ديوتا جي شخصيت ۾ جو گهڻين ڀالهين ۽ اوسرمن سان مشابهت رکندو هو، ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته ان کي ٻ ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ماريو ويو هو، صدائي ڏيڻ جي رسم جون اڳڙيل يادگيريون ڪي ٻڌڻ ٿيون. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن ۽ ديئولينس جي تالي ۽ صدائو ڏيڻ لاءِ ماڻهن کي جهري ڏاڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هو، ۽ جنهن صورت ۽ انهن ماڻهن جو موت ٻ سندس ديوتا جي موت واانگر ٿيندو هو، ان ڪري هي" ڀالهه قابل قبول آهي ته اهي ٻنهنجي ديوتا جي شخصيت جو ڪردار ادا ڪندا هوندا. هي" ڀالهه، ته ٿريشيا واري اورئيس کي ٻ بڪائال قبيلي وارن ساڳي" طرح ٽڪرا ٽڪرا ڪيو هو، سا هڪ حقيقت کي ثابت ڪندي نظر اچي ٿي ته آهو ٻ آنهي" ديوتا جي حيثيت ۽ مئو هو، جنهن واانگر ٿي ڪيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماريو ويو هو. هي" ڀالهه قابل غور آهي ته ايڊوايا وارن جي بادشاهه ٿريشين لائڪرگس کي ان ڪري قتل ڪيو ويو هو ته جئن اها ايون، جنهن تي ڏاڍ بند ڪري چڏيو هو، سا هڪ دفعو ٻهر آباد ۽ سائي ٿئي.

ان کان سواءِ، اسان ناروي جي هڪ بادشاهه هالفڊن، "ڪاري" جي متعلق پڙهيو آهي ته ان جي بدن کي وڍي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري، هرهڪ ٽڪر کي سندس بادشاهي" جي مختلف علائقي ۽ دفن ڪيو ويو هو، ته جئن زمين جي آبادي، ۽ ساوڪ جي خاطر ٿئي. جيو وجي ٿو ته هن جو موت جاليهن سالن جي جمار ۽ اڻاڌ جي موسم ۽، ارف جي ٿئن ۽ ان ۽ ٻڌل سبب واقع ٿيو هو. ان کان پوءِ چا ٿيو، تنهن جو ٻيان ناروي لوڪ جي هڪ قديم تواريخ اوئيس، سنوري اسٽارلوسن، هن طرح ڪيو آهي: "هو سڀني بادشاهن کان زياده آسودو (لفظي طور هر جڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جهجهائي ۽ سان نوازيل) هو، مائڻن کي هن جو اترو ته قدر هو جو، جڏهن سندس موت جي خبر سان گڏ هي ۽ ٻئو ٻيو ته سندس لاش کي هرينگاريڪي ۽ ڏاڍي نون وڻو آهي، جڏهن مائڻن کي ڪيس دفن ڪرڻ جو ٻڌو هو، تڏهن راماريڪي ۽ ويسٽفولڊ ۽ هيئورڪ جا ٻيا مڙس آڏي ڪهي آيا ۽ درخواست ڪيائون ته کين ان جي لاش کي ٻاڻ سان ڪٽي وڃڻ ۽ ٻنهنجن ٻنهنجن صوبن ۾ دفن ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، هتي جو خيال هو ته جنهن ملائشي وارا ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا، تنهن ۾ ان جي برڪت سان آسود کي اچي ويندي. آخرڪار، اهو فيصلو ڪيو ويو ته لاش کي ڇهن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪيو وڃي. لاش جي سي ۽ کي هرينگاريڪي ۽، اسٽين ونڊ، ٻڌن جي هڪ ڏير هيٺان رکيو ويو ۽ باقي ڇهن ڏڙ سان هر هڪ جماعت وارا ٻنهنجو ٻنهنجو حصو وڃي کڻي ويا ۽ ان کي ٻنهنجي ٻنهنجي علاقي ۾ دفن ڪيائون. انهن سڀني ڏيرڪ کي هالفڊن جا ڏير سڏيو ويندو آهي." هي ۽ ڪالهه ياد رکڻ گهرجي ته اهو هالفڊن ٻنڪلنگ خاندان سان واسطو هو، جي ٻنهنجو شجرو اسڪنڊينيويا جي آبادي ۽ جي عظيم ديوتا "ٿري" سان ملائيندا هئا.

برٿن ليوگائنا ۽، فلاڊلفي ۽ جي سنهن ڪان ۽ريو، "ڪيوائي ۽" ٻوٽ جا ماهر ڄاڻندا سيگورا نالي هڪ جادوگر جي ڳالهه ڪندا آهن، جنهن جو خاندان اسان صاو دائن جو ٻوٽو هو. جڏهن سيگورا ٻوڙهو ٿي ويمار ٽيو، تڏهن هن مائڻن کي چيو ته هو ٻاڻ ته جلد ئي مرندو، ۽ سندس باغيچن کي آباد ڪرڻ جو سامان کين ڏيڻ ڪري ڏيئي ويندو. جنالن، هن کين هدايت ڪئي ته جڏهن هو مري وڃي، تڏهن هو کين وڍي، سندس گوشت جي ٽڪرن کي پنهنجن باغن ۽، ۽ سندس سري ۽ کي سندس ٿي باغ ۽، دفن ڪن. هن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن جي عمر غير معمولي طور ڊگهي هئي ۽ سندس ولديت جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، ۽ هن صاو دائن جي ٻوٽن کي پٽاءُ ڪيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان ٻوءِ ڪو ماڻهو ڪيو يا ڏيو ڪوٺ رهيو. ڪجهه سال اڳي، جڪي ٻوڙها جيڙا هٿا، تن ان ڪالهه جي خاطري ڏاڍي ٿ آهي ٻڌنجي جوانيءَ ۾ سڳورا سان آشنا هٿا ۽ ڪوائيءَ جي ياڊندن جو اهو عام راءِ معلوم ٿئي ٿو ته، سڳورا ڪي مري وئي ۽ پشتون مس ٿيون آهن.

انهن سيني ڪالهين تي مجموعي طور غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهي روايتون ۽ ڏندڪٿائون بادشاه ۽ جادوگر جي بدن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ملڪ جي مختلف حصن ۾ دفن ڪرڻ جي عام جام رسم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، جنهن جو مقصد ڏرتيءَ ۽ شايد ماڻهوءَ ۽ مرونءَ جي آبادي ۽ آسودگيءَ جي خاطري ڪرڻ هو.

جڏهن ماڻهن جي لاش کي ساڙڻ کان ٻوءِ، مصري لوڪ سنڌ رک کي هوا ۾ واڌاڻي چڏيندا هٿا، تن جي حالت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن ڏاهن نصيحت جي ڳاڙهن وارن کي شايد ڪا خاص اهميت حاصل هئي. چو ته مصر ۾ جڪي ڏکا قربان ڪيا ويندا هٿا، تن جو رنگ ته لازمي طور سرخ هڻڻ ضروري هو. انهن جي جسم تي، جڏهن هڪ ٻ ڪارو، يا اڇو وار هجي ها ته جيڪر کين قربانيءَ لاءِ نالائق ٺاهي وڃهي ها. جيڏهن ماڻهن جي قربانين ڏيڻ جو مقصد، جيئن مون ڏيکاريو آهي، فصلن جي واڌ ۾ مدد ڏيڻ جو هو ۽ انهن جي رک کي چڻ سان هوا ۾ منتشر ڪرڻ، انهيءَ نظريي جي پيروي ڪري رهيو آهي ته ٻوءِ ڳاڙهن وارن وارن ماڻهن کي انهيءَ مقصد لاءِ هڻ ڪري منتخب ڪيو ويندو هو، جو اهي سرخي مائل الاڻ جي شخصيت جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ٻين سيني ماڻهن کان زياده موزون هٿا. چو ته، جڏهن ديوتا جي نمائندگي هڪ جيڙي انسان ڪائي ڪرائي وڃي ٿي، تڏهن هيءَ لازمي آهي ته انهيءَ نمائندي کي سنڌن ديوتائي اصل سان خيالي مشابهت جي بنياد تي، انهيءَ ڪردار جي ادا ڪرڻ لاءِ چوائيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي. جنانچ، ميڪسيڪو جا قديم باشندا مڪائي" کي هڪ شخصي هستي تصور ڪندي ، جا هڪ وجهه جي وقت ڪاڻ ولي لاهاري ورڻ تائين، زندگي" جي سڀني منزلن کي طئي ڪندي نظر ايندي هئي، تنهن کي ٻوڪڻ وقت ٿوڪ چاول ٻارڻ، ڪپڙن سڻڪيڻ وقت وڏڻ ٻارڻ، ۽ اهڙي، طرح، سنگن جي ٻرجڻ وقت، نوجوانن، ۽ ٻڍي ڪڻ وقت ٻوڙهن ماڻهن جي قربالي ڏيندا هئا. اوسيرس لاءِ هڪ ٻالو "نصل" يا "لاهارو" هو، ۽ قديم زماني جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ان جي سمجهاڻي لاءِ ڪيس الاڄ جو نمائندو سڏيندا هئا.

٢- اوسيرس، وڻن جي روح جي حيثيت ۾: اوسيرس لفظ الاڄ جو "ٻوتا، يا روح ڪوٺ هو، اهو واڻ جو روح ٻ هو ۽ ممڪن آهي ته هن جي اها حيثيت ليڪ از تاريخ واري زماني جي هجي، پوءِ ته مذهب جي تاريخ ۾ وڻن جي ٻوڃا الاڄ جي ٻوڃا ڪان زياده، اوائلي آهي. اوسيرس جي وڻ جي روح جي حيثيت ۾ نمائندگي" جي سمجهاڻي آرميڪس مٿرلس جي هڏاڻ هڪ رسم ۾ هن طرح تفصيل سان ڏنل آهي: "ماڻهن" وڻ کي ڪهاڻي ۽ سندس ٽڙ کي چلي، صاف ڪري الدران ٻورو ٻاڙيو ويندو هو، ٽڙ کي ٻورو ٻاڻي مان جيڪو ڪاٺ جو ٻورو يا چوڌا وغيره نڪرندا هئا، تن مان اوسيرس جو هڪ مجسمو تيار ڪيو ويندو هو، جنهن کي هڪ جنازي وانگر، وڻ جي ٻوري ٽڙ اندر بند ڪيو ويندو هو. وڻ اندر ڪنهن شخصي هستي" جي رهڻ جي نظريي جو، انهي" ڪاڻ وڌيڪ ٻي ڪهڙي واضح نموني سان اظهار ڪجي، سو سمجهه ذرا مشڪل آهي. اوسيرس جو اهڙي" طرح ٻاڌل مجسمو هڪ سال تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ ان کي بلڪل اهڙي ئي نموني سان ساڙيو ويندو هو، جهڙي" طرح "ماڻهن" وڻ مان ٺڪيل انيس جي مجسمي کي ساڙيو ويندو هو. وڻ کي وڍڻ جي رسم جو ذڪر، جنهن نموني سان آرميڪس مٿرلس ڪيو آهي، تنهن جو پلوتارچ ۽ حوالو ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿئي ٿو تہ اها رسم اوسيرس جي لاش جو "اربڪا" وٺ مان دستياب ٿيڻ واري ڏندڪٿا جو هڪ رسمي حصو آهي. ديندارا ۽ اوسيرس جي مندر واري اروان اندر، جنهن ديوتا جي ڪفن واري" صندوق ۽ باز جي صورت واري "سمي" رکيل آهي، تنهن کي بلڪل صاف طرح وٺ، ۽ شايد صنوبر جي ٻوري ٽڙ اندر ويڙهيل ڏيکاريو ويو آهي، وٺ جو ٽڙ ۽ سندس تاريوڻ ڪفن جي صندوق جي متان ۽ هيٺان اکريل نظر اچن ٿيون. اهو نظارو اهڙي" طرح، فريڪس مٽراس جي ايان کيل ڏندڪٿا ۽ سائن سوٽن سان بلڪل قريبي طرح ٺهڪي اچي ٿو.

اوسيرس جو وٺ جو ديوتا هو، ان کي هي" ڀالهه جڳائيندڙ هئي ته سندس ٻوچارن کي سوڀدار وٺن کي انصاف رسائڻ کان منع ٿيل هجي ۽ ان جي عام طرح ٻاتات جي ديوتا هڻ جي حيثيت ۾، سندس معتقدن کي ڪوهن جي ٻاڦ" کي روڪڻ، يا بند ڪرڻ جي اجازت نہ هڻ گهرجي، جو اهي گرم جنوبي علائقن جي آباشي" لاءِ انتهائي ضروري آهن. هڪ روايت مطابق، اوسيرس پنهنجن ٻولنگن کي انگور جي ول کي ستهن ٿي ڇڙهڻ، ضرورت کان زياده سندس پٽ کي چالنگ ۽ انگور مان رس ڪڍڻ جو هنر سيکاريو. نيبتي" جي ڪتبي ۾، جو انڪل ۱۰۰۰ ق.م واري زماني ۾ لکيو ويو هو، لنهن ۾ اوسيرس کي هڪ آستاني ۾ ويهاريل ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي چت مان انگور جا ڇڪا لٽڪي رهيا آهن، ۽ شاهي محرر، لکڻ جي ڪتبي ۾ اسين ديوتا کي هڪ اهڙي چشمي جي سامهون تخت تي ويٺل ڏسون ٿا، جنهن جي ڪنارن وٽان سرسبز، ۽ گهاٽن ڇڪن سان ڳرايل انگور جي ول ويٺل ديوتا جي سبز صورت ڏانهن وڌندي وڃي ٿي. "آٿوي" ٻوٽي جي ول الهي" ديوتا کي مقدس هئي ۽ آن کي سندس ٻوٽي سڏيو ويندو هو، جاڪاڻ تہ اها هميشہ سرسبز هوندي هئي.

۳- اوسيرس، آبادڪيءَ جي ديوتا جي حيثيت ۾:
ٻاتات جي ديوتا جي حيثيت ۾، اوسيرس کي عام طرح سان تخليقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوت جو ديوتا سمجهيو ويندو هو، چو ته ارتقا جي ڪنهن منزل
تي عام ماڻهو حيوانات ۽ نباتات جي تخليقي اوتار ۽ تموز ڪرڻ
ڪاڻ قاصر ٿين ٿا. چنانچه، سندس اُپوجا ۽ هڪ نمايان حالانڪ
پست اخلاق خصوصيت اها علامتي نگاري هئي، جنهن جي ذريعي
سندس لطرت جي الهيءَ نظريي جو، يا فقط سندس معتقدن ۽ مريدن،
۽ عوام‌الناس ڪي ٻ، جلوه ڏيکاريو ويندو هو. هن جي ميلي ٿيلي،
ڪوٽ جون عورتون سندس تعريف جا گيت گائيندڙيون ۽ سندس
ٻيوده تصويرون ڪٽي، ڪوٽ ۽ گهمندڙون قرلدڙون هيون ۽ الهن
کي ڏاڪڻ جي وسيلي متحرڪ ڪندڙون رهندڙون هيون. اها رسم،
ممڪن آهي ته، فصلن جي واڌ ۽ تيزي آڻڻ لاءِ جادوءَ جو هڪ
ٽوٽو هجي. جيو وجي ٿو ته ديوتا جو هڪ اهڙوئي مجسمو، جنهن
کي زمين جي سيني ڏانڻ سان سينگاريو ويندو هو، سو سندس هڪ
مندر ۽ آئسس ديويءَ جي سامهون ٻڌاريو ويو هو، فلائيءَ ۽
هن ديوتا جي ٻانهي ۽ جڪي ڪمرا انهن ڪيل آهن، تن مان
هڪ ۾ مٽل ديوتا جو هڪ ٻيو مجسمو اهڙي انداز سان چڪيا تي
ستل ڏيکاريو ويو آهي، جو آهو بلڪل واضح نموني ۽ ڏيکاري رهيو
آهي ته مٽل حالت ۽ ۾، ديوتا جي تخليقي قوت مري ڪاڻ ويئي
هئي، ۽ آ ها عارضي طور معطل ٿيل هئي، جا موقعي ملڻ تي
هن دنيا لاءِ زندگيءَ ۽ آبادي‌ءَ جو ذريعو ثابت ٿين لاءِ تيار
هئي. اوسيرس جي تعريف ۽ جڪي قصيدا گايل آهن، تن ۽ سندس
لطرت جي الهيءَ اهر خوبيءَ جا حوالا بار بار ڏنا ويا آهن.
انهن مان هڪ ۽ جيل آهي ته، هيءَ دنيا فقط الهيءَ ديوتا جي
الهيءَ قوت جي ذريعي سان ئي سرسبز ۽ شاداب ٿين ۽ ڪامياب
ٿئي ٿي، هڪ ٻئي قصيدي ۽ اعلان ٿيل آهي. "تون ئي
انسان ذات جو ٻيءَ ۽ ماءُ آهين، ماڻهو تنهنجي دم قدم سان زنده
آهن، ۽ سندن جيامي جو دارومدار تنهنجي جسم جي مامن مٽان
آهي". انان هيءَ الياس ڪري سگهون ٿا ته الهيءَ پدراڻ حيثيت ۽
آبادي‌ءَ جي ٻن سيني ديوتائن وانگر، هن کي ٻ، مرد ۽ عورتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اولاد جي نعمت سان نوازيندڙ سمجهيو ويندو هوندو ۽ سندس تقرب تي جيڪي جلوس ڪڍيا ويندا هئا، تن جو مقصد اهو، ۽ زمين ۽ چنبل ٻج کي تيزيءَ سان اسرڻ جي طاقت بخشڻ جو هوندو. انهن علامتن ۽ رسمن کي، جن کي مصري باشندا ديوتا جي الهيءَ لطربي کي مؤثر بنائڻ جي ارادي سان عمل ۾ آڻيندا هئا، تڪ کي ٻڌوده ۽ اخلاقي معيار کان ڪريل سمجهي، سندن مذمت ڪرڻ، قديم مذهبسان ۾ الصافي ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. انهن رسمن جي ادائگيءَ سان آهي جن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو ارادو رکندا هئا، سي بلڪل فطرتي ۽ انسان جي لائق هئا، فقط جيڪي وسيلا اختيار ڪيا ويندا هئا، سي غلط هئا. ٻولائن کي ۽ ساڳي آي نسر جي غلط فهميءَ ڏيئوليسس ديوتا وارين سندن تقربن ۾ اهڙن علامتن کي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، ۽ انهن ٻنهي مذهبن ۾ جيڪا مشابهت، حالانڪ بلڪل نمايان مشابهت، اهڙيءَ طرح ڏيڻ ۾ آئي آهن، ٻن سڀني ڪالهين کان زياده، قديم خواه جديد تفتيش ڪندڙن کي انهن ٻنهي ٻوڌائن کي جيڪي، ٻنهنجيءَ فطرت ۾ هڪ ٻئي سان قريبي يڪسانيت رکن جي باوجود، ٻنهنجي ٻنهنجي بنياد ۾ هڪ ٻئي کان يقيناً مختلف ۽ آزاد آهن، ان کي هڪ ڪري سمجهڻ لاءِ گمراه ڪيو آهي.

۴۰ اوسيرس، اهل ممات جو بادشاه: اسان ڏسي آيا آهيون ته اوسيرس، ٻنهنجي هڪ صورت ۾ مثل ماڻهن جو حڪمران ۽ منصف هو. مصرين جهڙيءَ طرح، جيڪا مابعد موت جي زندگيءَ ۾ ته فقط يقين رکندي هئي، ۽ جا سڄ ٻج ٻنهنجو اڪثر وقت، ورهيو ۽ ٻسو ان جي تياري ڪرڻ ۾ صرف ڪندي هئي، تنهنجي نظرن ۾ ديوتا جو اهو فرض، ذرتيءَ سان ٻوريءَ موسم ۾ سڀني ميون کي نمودار ڪرڻ جي خاطريءَ ڪرڻ جي سندس فرض ادائگيءَ کان زياده اهم حيثيت وارو هوندو. هيءَ لياس آرائي ڪري سگهجي ٿي ته سندس ٻوجارين ۽ ٻولڻن جي اعتقاد موجب، ديوتا جا اهي ٻئي علائقا هڪ ٻئي سان ويجهي رشتي ۾ منسلڪ سمجهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا هوندا. پنهنجن مٿان ڪي زمين ۽ دفن ڪرڻ سان هو انهن
کي اهڙيءَ هستيءَ جي سپرد ڪندا هئا، جا ڪين خاڪ مان
ٻيرائي ايندي زندگيءَ بخشڻ جي بلڪل اهڙيءَ طرح قابل هئي،
جهڙيءَ طرح اها بج ڪي زمين مان ٻوڙي ٻاهر ڪڍڻ جي طاقت
جي مجاز هئي. انهيءَ اعتقاد متعلق، مصري مندرن مان دستياب
ٿيل اوسيرس جا الاڄ سان پريل مجسما، بلڪ ۽ لاثاني ثبوت
مهيا ڪري رهيا آهن. اهي مجسما، هڪ ٻي وقت تي، ٽئين
زندگيءَ جي علامت ۽ ذريعو هئا. چنانچ، الاڄ جي داڻي جي
ڦٽي اڀرڻ مان، قديم مصري لوڪ انسان جي لافاني حيثيت
متعلق شگون ڪيندا هئا. اهڙي ڪمزور ۽ هلڪي بنياد تي
ساڳين اعليٰ اميدن جي بلند عمارت اڏڻ ۾، مصري قوم ڪنهن ٻئي
اهڙو ديوتا، جو اهڙيءَ طرح پنهنجن ماڻهن کي هن دنيا اندر
پنهنجي پڇاڻ ۽ ٽئين جسم جي زور تي جيئرو رکندو هجي ۽ جو هن
کان بعد، هڪ بهتر عالم ۾ ڪين اڻ-مسرت زندگيءَ جو وعدو
ڏيندو هجي سو، لازمي طور، سندن دلين تي حڪومت هلائيندو
هوندو. چنانچ، هن ڳالهه تي اسان کي ڪو تعجب نه هئڻ
گهرجي ته مصر ۾ اوسيرس ديوتا جي پوڄا ٻين ديوتائن جي پوڄا
تي حاوي پنجي وئي هئي ۽ هڪ طرف، جتي انهيءَ ديوتائن جي
پوڄا فقط سندن مختلف ۽ محدود علاقن ۾ ڪئي ويندي هئي،
اتي اوسيرس جي پوڄا هڪ ٻي وقت تي انهن سڀني علاقن ۾
ٿيندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪيتاليهون

آڪسيس

آڪسس دوري جي اصلي حقيقت کي سندس پاڻ ۾ مڙس، اوسرس جي اصليت جي مقابلي ۾ سمجهڻ زياده مشڪل آهي. سندس خصلتون ۽ صفتون ايترقدر گهڻون هيون، جو قديم مصري ٻولي ۾ انهيءَ دوريءَ کي "گهڻ-نالن واري"، "هزار نالن واري" سڏيو ويو آهي ۽ يوناني تحريرن ۾ ان کي "ايڪ نالن" واري ڪوٺيو ويو آهي. ان جي باوجود، هن جي اڻڄاڻ دشوار- فهم شخصيت ۾ انهيءَ اصلي مرڪزي نقطي جو سراغ ڪونه ڪڍڻ ايترا، ممڪن آهي، جتان جي چوڌاري ٻين جڙڪ گڏجي آهستي آهستي ان جي مقدار ۾ اضافو آندو آهي. جو تہ جيڪڏهن سندس پاڻ ۽ مڙس، اوسرس هڪ صورت ۾ الاج جو ڏيوتا هو، جيڪو اسان مٿي ڏسي آيا آهيون، تہ پوءِ هوءَ ضرور الاج جي ديوي هوندي. اهڙي خيال لاءِ اسان وٽ ڪم از ڪم ڪجهہ دليل موجود آهن. جو تہ جيڪڏهن ديوديورس سالڪيولس جي اعتبار ڪجي، جنهن مصر جي تاريخ اوسس، مالڪيو جي اختياريءَ لي ڪالهايو آهي تہ پوءِ ڪنڪ ۽ جَوَ جي موجودگي آڪسس سان واسطہ رکي ويئي هئي، ۽ ان جي ميلن لي الاج جي مختلف قسمن جا سلا، هن مقصد سان جلوس جي صورت ۾ ڪڍيا ويندا هئا تہ جيئن انهيءَ نعمت لاءِ سندس شڪرگذاري ڪئي وڃي ۽ ان جو يادگار ملهايو وڃي. آڪسيس ورهي. ان باري ۾ هڪ ٻيءَ افسوس جو اضافو ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ آڪسس انهيءَ ولڪ لي جَوَ جا سنگ لڏا هئا، جڏهن هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌندڙ ۽ اوسيئرس جي ان ڏاڏن جي ناليءَ ۾، جي سڀني بادشاهه ٿي گذريا هئا، قرباني ڪري رهي هئي ۽ هن اهي لفظ لڏل جَوَن جا سنگ اوسيئرس ۽ سندس صلاحڪار، ٿوٿ يا، مرڪوريءَ ڪي، جيڪو روسي مصنفن هن کي سڏيو آهي، ڏيکاريا. آڪسفورڊ جوڻ ٿو ته اهوئي سبب آهي جو آهي ڪيس سيريس سان شناخت ڪندا آهن. ان ڪان سواءِ، مصري ڪڙمي لاءِ وقت جڏهن پوريان سنگ لٻندا هئا، تڏهن انهن کي زمين ۾ رکي ٻڌندڙ سڀ ڪٻندا هئا ۽ ورلاپ ڪري آسيس کي پڪاريندا هئا. الهيءَ رسم جي سمجهائي اسين اڳئين هيءَ ڏيڻي آيا آهيون ته اهي ورلاپ الاڇ جي مقتول روح لاءِ ڪيا ويندا هئا، جنهن کي ڏاڍائي سان قتل ڪيو ويندو هو. تحريرن ۾، جن صفتن سان آسيس کي مخاطب ڪيو ويو آهي، ته ۽ "ساڻ شين جي خلقيندڙ" سائي ڏيوي، جنهن جو ساڻو رنگ سائيءَ ڏرليءَ وانگر آهي"، "سائيءَ جي مالڪياڻي"، "ابر جي خاتون"، "آسودگي ۽ جوڀنءَ جي مالڪياڻي"، جڏڻا ٻالا شامل آهن. ارڪش جي راه مطابق هوءَ، ته فقط الهيءَ ساوڪ جي خلقيندڙ آهي، جا روءِ زمين کي ساڻو اوڀ ڇاڻي ٻڌي آهي، ۽ هوءَ سائي آءَ جي خود ٻڌي ان آهي، جنهن کي ديويءَ جي شخصيت ڏني آهي." الهيءَ حقيقت جي تصديق سندس هن صفت سان ڪ، ٿي رهي آهي، جنهن کي "سچيءَ" يعني "ان جي هڪ ٻڌي" جيو وڌي ٿو. الهيءَ لفظ جو ڪوٺڪ پوليءَ ۾ لچا ۽ اهو مفهوم ورتو وڃي ٿو. پوءِ الي باشندا آسيس جو تصور الاڇ جي ديويءَ جي حيثيت ۾ ڪندا هئا، جو ته اهي هن کي ڏيهنر ديويءَ سان هڪ ڪري سمجهندا هئا. هڪ پوءِ الظم ۾ ڪيس "اها، جنهن زمين جي ميوي کي جنم ڏنو آهي" ۽ "آن جي سنگن جي ماءُ" جي الف سان سڏيو ويو آهي، ۽ هڪ اشلوڪ ۾، جو سندس اعزاز ۾ منظوم ڪيو ويو آهي، هوءَ ان کي "ڪنڪ جي ٻڌي" جي ملڪه" سڏي ٿي ۽ ساڻي ٿي هنڊ ڪيس "ڪنڪ سان ڀرپور ٻوڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنپال ڪرڻ جي فرض ادائي" ڪرڻ واري" ڪوٺو ويو آهي.
چنانچ، ٻولائي خواه روسي ڪلاڪار، گهٽو ڪري، سندس مٿي
ٿي، يا هٿ ۽ آن جا سنگ ڏٺي، سندس شخصيت نمايانده ڪئي آهي،
اها هئي قديم زماني جي آئسمن — الاچ جي هڪ دهقاني مائا،
جنهن جي مصري ڪانگا، ٻڌوده رسمن سان ٻوڌا ڪنڌا هٿ، ۽ مسخرن
جي شڪل ۾ صورت جوڙي" الهي" ديوي" جي سڏي" سادي" صورت
ڪي آهي" ديولائتي ۾ درويشانه شڪل ۽ شناخت ڪرڻ مشڪل آهي،
جا هن صدين جي مذهبي ارتقا جي روحاني سبب، ٻوڌ دور جي
ٻوڌارن اڳيان، هڪ سچي زال، مشفق مادر ۽ فطرت جي رحمدل
زالي" جي صورت ۽ پيش ڪئي ۾ جنهن جي چوڌاري اخلاقي خلوص، ۽
انتهائي قديم ۽ رازدار تقدس جو نور حلقو لڳل هو. اهڙي" طرح
سينڌ ڪدورتن کان پاڪ ٿي، ۽ پنهنجي اصليت ڏيکائي، جن
پنهنجي اصلي وطن جي سرحدن کان گهٽو دور تائين ماڻهن جون
دلون تسخير ڪري ورتيون. قديم دور ۾، جڏهن انسي زندگي"
جي اوائل سان گڏ، مختلف مذهبن جو جهڪو گوڙ ۽ گهمسان
ٿيندا ٿي هو، تنهن ۽ هن ديوي" جي ٻوڌا روپ ۾ ان جي
سلطنت جي سيني دور دراز علاقن ۽ انتهائي دلپسند ۽ هردلعزاز
هئي. روسي فرمانروائن ماڻ ڪي، خود ۽ الهي" ٻوڌا جا پاڪل
ڪلي" طرح ڏيکاڏه ۽ عادي هئا. آئسمن جي مذهب کي، ٻين
سيني مذهبن وانگر، پست اخلاق ۽ بدڪردار ماڻهن کيتري اندر
۽ ڪٿي پنهنجي بداعمالن کي پوشيده رکڻ لاء پردي طور استعمال
ڪيو هجي، ان جي باوجود اڄ معلوم ٿئي ٿو ته ان جي سائي
سوڻن ۽ رسم و رواج کي سنڌن وڏا، شان ۽ شوڪت، سنجيدگي
۽ شرافت سبب، جي هڪ اي آرام ۽ اوچتن روح کي سڪون
بخشن ۽ هڪ مغموم دل جي بار کي هلڪي ڪرڻ لاء پاڪل
سولون ۽ ٻڌا آهي، سراسري طور ٻن مذهبن جي رسمن کان باعزت
طريقي سان معاف ڪيو ويو آهي. ان ڪري، انهن سائي سوڻن
نازڪ مزاج روحن ۽ ڪن ٻن کي، جن ۽ عورتون سيني کان زياده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لعابان هيوڻ، جن کي ان مشرقي ديوتن جي بداخلاقي ۽ خونخوار رسم ۽ رواج چرڪائي، ۽ ان کان متنفر ڪري ڇڏيو، ۽ ان ڏاڍو زياده ڪشش ڪئي. اهڙي" حالت ۽ اسان کي ڪو تعجب نه ڪرڻ گهرجي ته اهڙي" هستي" ۽ زوالپت جي دور ۾، جڏهن روايتي اعتقادن ۽ جذبن اچي ويئي، جڏهن مختلف طريقن جو هڪ ٻئي سان ٽڪر ٿيو، جڏهن مائهن جي دلين ۽ ۾ آرامي" اچي گهر ڪيو ۽ جڏهن خود سلطنت جي تار و پود ۾، جنهن کي ڪنهن وات ابدي سمجهيو ويو هو، خطرناڪ چور ۽ شگاف نمودار ٿين لڳا، ان وقت آئسس جي پُرڪشش مجسمي، پنهنجي روحاني سڪون-۽ بقا جي فراخدلاڻ وعدي سان اڪثر مائهن کي طوفاني آسمان ۾ هڪ تاري وانگر نظر آيو هوندو ۽ ان سندس دلين ۾ عبادت جو اهڙو جذبو پيدا ڪيو هوندو، جنهن جي اوعيت وچين صدين ۾ "ڪنواري مريم" لاءِ مائهن جي دلين ۾ پيدا ٿيل جذبي کان مختلف ڪانه هئي. درحقيقت، ان جي شاهاڻ سائي، سندڻ نوڙهي پادرين، ان جي صبح و شام جدا جدا عبادتن، درپلي موسيقي"، بخسمن ۽ پاڪ پاڻي" جي چنڊن، سندس سنجيده ۽ رعب دار جلوس، ۽ "ديولا جي ماءُ" جي هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل مجسمن ۽ ڪنوارڪ ڦرلي وارن جي شاهه و شوڪت، رسمن ۽ رواجن سان مشابهت رکندڙ ۽ لهکندڙ گهڻائي نڪتا موجود هئا. اهو ڪو ضروري ناهي ته انهي جي درميان جڪا مشابهت نظر اچي ٿي، سا ڪا هڪ ٻئي جو الٽائي آهي. ممڪن آهي ته قديم مصر، ڪنوارڪ ڪلپنا جي شاندار علامتي مصوري" ۽ سندس ان ڏاڍ جي ڦڪن نظرياتي ۽، انهنجو حصو شامل ڪيو هجي. مصوري" ۽ تصوراتي آئسس جو اهو مجسمو، جنهن ۾ هوءَ معصوم هورس کي ڇاتي ڏاڙائي رهي آهي، سو "مئڈونا"* ۽ سندس هار واري مجسمي سان ايتري قدر مشابهت رکي ٿو، جو ڪن وقتن تي جاهل ۽ اڻ علم عيسائين

* اهو مجسمو، جنهن ۾ ڪنواري بيبي مريم معصوم مسيح کي ڇاتي پياري رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي پوجا ۽ ڪئي آهي، سمڪ آهي ۽ "ڪنواري مريم" کي، اوان ڏوڙ ۽ "اسٽيلا مارس"، يعني "سمنڊ جو ستارو" جي جڪا خوبصورت صفت ڏني وئي هئي، جنهن جي تحت طوفان ۽ ڪال جهازن جا خلاصي کيس مدد لاءِ ٻاڏائيندا آهن، انهن لاءِ هوءَ شايد آلسيس ديويءَ جي مرهون منّت آهي. معلوم ٿي ٿو ته آلسيس ديويءَ کي ساموٿريڪي ديويءَ جون صفتون اسڪندريه جي ساموٿريڪي سفر ڪندڙ يونانين عطا ڪيون هيون، اهي صفتون هن جي اصليت ۽ مصران جي عادتن کان، جن کي سمنڊ سان ڪا، الفت ڪالهه هئي، بلڪل ٻيگانيون آهن. انهيءَ لباس آرائيءَ جي آڏار تي جڏهن سڳوڻي ٿو ته آلسيس جو چمڪدار ستارو، سائرس، جو جولاءِ مهيني جي ڏينهن ۽ صبح جو سوير مشرقي پولوچ سمنڊ جي شفق لهرن مان نمودار ٿيندڙ معلوم ٿيندو آهي ۽ جو خلاصين لاءِ خوشگوار آب و هوا جو ارشوا ۽ پيغامبر هوندو آهي، سوئي سچو "اسٽيلا مارس"، يعني "سمنڊ جو ستارو" آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پاڪيتاليهون

اوسيرس ۽ سچ

اوسرس کي ڪڏهن ڪڏهن سورج ديوتا سمجهيو ويو آهي ۽ جديد دور ۾ اهو نظريو ايترن ممتاز مصنفن قائم ڪيو آهي، جو اهو هن هنڌ مختصر ڄاڻ جو مستحق آهي. ان باري ۾ جيڪڏهن اسين اهو درياڻت ڪريون ته اوسرس کي ڪيترن شهادتن جي آڌار تي سورج، يا سورج ديوتا سان شناخت ڪيو ويو آهي، تہ ٻيو انهن شهادتن جي تجزيي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس مقدار بلڪل خفيف، ۽ جنس، جي حالتن ۾ اها بلڪل بيڪار ٿاهي، مشڪوڪ آهي. جديد دور جو هڪ محقق ۽ اوڀ عالم "جابلونسڪي"، جنهن قديم مصري مذهب جي متعلق ڏاڍ ڪتابن دور جي مصنفن جي شهادتن کي هڪ هنڌ جمع ڪري، انهن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي، سو چوي ٿو ته اها حقيقت ڪهڙي ريت سان ثابت ڪري سگهجي ٿي ته اوسرس سچ آهي ۽ ان ڪالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هو ڪهڙي شاهد پيدا ڪري سگهي ٿو. ۽ ايتري تڪليف ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، جو ان کوڙ ازهيل مالهو ان حقيقت کان ٻيخبر ڪونهي. جي قديم مصنفن جي حوالي ڏيڻ جي هر تڪليف گوارا ڪري ٿو، تہ سان چڪي ته اوسرس کي سچ سان صاف لفظن ۾ شناخت ڪري ٿا، سي ڏيڍ درجن ۽ مڪرواسس آهن. ۽ انهن جي شهادتن کي ڪو خاص وزن نہ ٿو ڏيئي سگهجي، چوته ڏيڍ درجن جو ايان منجهيل ۽ رکو تصديق آهي، ۽ اوسرس جي سچ سان شناخت لاءِ مڪرواسس، جو سچ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطو ڏنل ڪائنات جي ان سائنس هڪ آهي، جنهن جڪي سڀ ڏاڍا آهن، سي ايٽم خصوص آهن.

اوسيرس کي سچ سان شناخت ڪرڻ لاءِ جديد دور جا ڪي مصنف، جنهن دليل ٿي خاص طرح آڏار رکندا معلوم ٿين ٿا، سو هي آهي ته ان جي موت جي ڪالهه، اطرت جي ٻئي ڪنهن ۽ نظام سان ايترقدر نه ٿي لهڪي، جيترقدر شمسي نظام سان، هي ڪالهه، ته آسانيءَ سان قبول ڪري سگهجي ٿي ته سچ جي روزمره جي طلوع ۽ غروب ٿيڻ جي حقيقت جو اظهار سندس موت ۽ دوباره جنم واري جي ڏندڪٿا ذريعي بلڪل خوبيءَ سان ڪري سگهجي ٿو، ۽ جڪي مصنف اوسيرس کي سچ سان شناخت ڪن ٿا، هي هن ڪالهه ڏاڍي خاص طور اشاري ڪرڻ جو احتياط ڪندا آهن ته هو سمجهن ٿا ته اها ڏندڪٿا سچ جي روزاني، ۽ ته سالياني، گردش سان واسطو آهي. چنانچه، زينوف، جنهن اوسيرس کي سچ سان شناخت ڪيو هو، انهن هيءَ ڪالهه تسليم ڪئي آهي ته هڪ مصري باشندو سچ کي ڪنهن ۽ معقول طريقي سان سياري ۽ مثل-ته تو سمجهيءَ سگهجي. ان، ۽ جيڪڏهن انهيءَ روايت جو موضوع سچ جو روزانو موت آهي، ته ان صورت ۾ ان کي سالياني تقريب ذريعي جو تو سلهاڙو وڃي؟ اها هڪ ئي حقيقت انهيءَ ڏندڪٿا جي سچ جي روزمره جي طلوع ۽ غروب ٿيڻ واريءَ سمجهاڻيءَ جي راه ۾ سوڌمار دليل ثابت ٿئي ٿي، ورڻي، چتوڙڪ الين ۽ ڪٿي چڪجي ته سچ روزانو مري ٿو، ته ان حالت ۾ اهو ڪوڙي مفهوم ۾ پاڻ پاڻ ٿئي ٿو.

اسان جي تفتيش جي دوران ۾، منهنجي خيال موجب اها ڪالهه صاف ڪئي وئي آهي ته انهيءَ کان سواءِ هڪ ٻيو ۽ اهڙو ڀرپور نظام قائم آهي، جنهن سان موت ۽ دوباره جنم جو نظريو ايتري قدر ته لاڳو آهي، جيتري اندر سچ جي غروب ۽ طلوع سان، ۽ جنهن کي درحقيقت، لوڪ ۽ رسمن ۾ انهيءَ ئي حيثيت سان خيال ۾ آندو. ۽ نمائندو ڪيو ويو آهي. اهو نظام، ڪائنات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالياڻو جنن ۾ ڪومالجن آهي. اوسيرس جي موت ماڻ سج جي غروب ٿيڻ جي مقابلي ۾ ٻانات جي ڪومالجن جي معني ڪيڻ لاءِ هڪ زوردار سبب، قديم زماني جي انهيءَ عام، حالانڪ غيرمتفق، راءِ ماڻ ملي ٿو، جنهن اوسيرس، انڊولس، اتيس، ڊيئونيسس ۽ ڊيمٽر جي مذهبن ۾ ڏند ڪٿائن کي بنيادي طور ساڳي نوعيت جي مذهبن جي طبقي ۾ رکيو آهي. انهيءَ موضوع تي قديم اسالي جي راءِ ۾ جيڪو اتفاق آهي، سو ايتري قدر ڪٿو معلوم ٿئي ٿو، جو ان کي محض وهم سمجهي مسترد نه ٿو ڪري سگهجي. اوسيرس جا سگهن ۽ ساٺ بالبلس واري انڊولس جي رسمن ساڻ ايتري قدر ويجهي مشابهت رکندا هئا، جو خود بالبلس جي باشندن ماڻ ڪن جو اهو راءِ هو ته اهو اوسيرس هو، ۽ نه انڊولس، جنهن جي موت تي آهي ماتر ڪندا هئا. يقيناً، اڳي راءِ سڏهن ۽ ٿالم نه ڪئي وڃي ها، جيڪڏهن انهن ٻنهي ديوتائن جون رسمون ۽ رواج ايتري قدر هڪ جهڙا نه هجن ها، جو هڪ ٻئي کان ڏري گهٽ ناقابل شناخت هجن ها. هيروڊوٽس کي اوسيرس ۽ ڊيئونيسس جي رسمن ۽ ايتري قدر ته گهڻي مشابهت نظر آئي، جو ڪيس اها ڳالهه ناممڪن معلوم ٿي ته موخرالذڪر ٻلڪل آزاداڻو طور نمودار ٿيون هوندیون، سندس خيال هو ته اهي يونانين، ٿورو ئي زمانو اڳي ٿورن گهٽين ٽيڊيلين ساڻ، مصرين کان اڌارون ورتيون هونديون. هوڏانهن وري هاونارچ، جو مختلف مذهبن جو هڪ اورچ طالبعلم آهي، سو اوسيرس ۽ ڊيئونيسس جي رسم و رواج جي تفصيلي مشابهت ٿي ڏاڍو گهٽو زور ڏئي ٿو. اسان اهڙن هوشيار، ٻڌار مغز ۽ معتبر شاهدن جي ٻاڻ کي محض سادي حقيقتن جي بنياد تي، جي سندن ٿي دائرهٔ عمل ۾ هيون، رد ڪري سگهون. ويجهائي جون انهن جيڪي سمجهائيون ڏيون آهن، تن کي مسترد ڪرڻ ممڪن آهي، پر ته مذهبي طريقن جي معني ۾ گهٽو ڪري اختلاف هوندا آهن، ۽ رسم و رواج جون مشابهتون مشاهدي جا معاملا آهن. ان ڪري، جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسرمن کي سچ سمجهندا آهن، تن کي يا ته اوسرمن، الڊواس، اتوسن، ڊيئوڊسس ۽ ڊيمٽرجي هڪ جهڙائي متعلق قديم زماني جي شهادتن کي غلط سمجهي نظرانداز ڪرائو ويندو آهي، يا وري کين انهن سڀني رسمن کي ڄڻ جي ڄوڄا سان واسته ڪرائو ويندو آهي. جديد دؤر جي ڪنهن ۽ عالم انهن متضاد ڳالهين جي ڪنهن طرفن مان هڪ کي ۽ ۽ ڇڪي طرح منهن ڏاو آهي ۽ ته ان کي قبول ڪيو آهي. انهن ڪنهي ڳالهين مان هڪ کي قبول ڪرڻ جو مطلب هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ ٿيندو ته انهن ڏيوتائن جي رسمن متعلق اسان کي انهن ماڻهن کان زياده معلومات آهي، جن انهن تي عمل ڪيو، يا ڪم از ڪم، جن انهن تي عمل ڪيندو ڏٺو. ويڙهه ڳالهه کي قبول ڪرڻ سان اسان کي انهن ڏيوتائن جي ڏند ڪٿائن ۽ رسم و رواج کي ڪٿ ۽ ڪوهن، ڪترڻ، ڇڻڻ ۽ سنڌ حليم کي ڪاڙڻ جي مترادف ٿيندو، جنهن کان خود ملڪ ويس ڇڙي شخص ۽ احتراز ڪيو هو. ٻئي طرف هي نظريو، ته انهن سڀني سائن جو مول مقصد نباتات جي موت ۽ ڄمڻ سر جمن جو لڳل ڪرڻ هو، انهن سڀني سائن سوڻن ۽ رسمن، رواجن جي، انفرادي، خواه اجتماعي طور، بلڪل آسان، سڌي سنڌن ۽ ادرڪي نموني سان سمجهائي ڏاهر ڪري ٿو ۽ قديم زماني جي ماڻهن انهن جي بنيادي يڪسانيت جي باري ۾ جيڪي عام شهادتون ڏيون آهن، تن سان ۽ اها سمجهائي بلڪل ٺهڪي اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏيتاليهون

ڊيڏونيسس

سڀني ماڻهن ۽ اسان ڏانهن ته قديم زماني ۽ مغربي ايشيا ۽ مصر جون مهذب قومون، سڀني جي تبديلين، ۽ خاص طرح نباتات جي جمع ۽ حيوانڇي مري وڃن کي ڏوتائن جي زندگي جي واقعات جي سلسلي جون مختلف ڪڙيون سمجهنديون هيون، جن جي افسوسناڪ موت ۽ خوشيءَ واري اوشاهه ٿين جنهن کي آهي واري وڃيءَ سان، ورلاڻ ۽ خوشيءَ جي ڊرامائي رسمن ذريعي ملهائيندڙ هيون، ۽، جيڪڏهن انهن رسمن جي ملهائڻ جو انداز ڊرامائي هوندو هو، ته سندن اصليت جادوي هوندي هئي، يعني ته هم آهنگ جادوءَ جي اصولن تي، ان جو اصلي مقصد، ٻوار جي موسم ۽ پوڻ جي ٿين جنهن ۽ جاندارن جي تعداد ۽ اضافي آڻڻ جي خاطر ڪرڻ هو، جن جو وجود سياري جي ٻاه ڪارين سبب خطري ۾ پئجي ويو هو، ڪهڙحال، قديم دنيا ۽ اهڙا نظريا، رواج ڪنهن به صورت ۽ فقط بابل ۽ شام، ايائيگيا ۽ مصر جي مشرقي قومن تائين محدود ڪين هئا، اهڙا خيال فقط خواب آلوده مشرق جي مذهبي رازدارن جي مخصوص ٻڌاوڙ نه هئا، ۽ انهن ۽ زياده جست تخيل ۽ سمائي طبيعت واريون قومون به شريڪ هيون، جي ايشجين جي ٻڌن ۽ ڪناري تي آباد هيون. اسان کي قديم ۽ جديد دورن جي چند تفتيش ڪندڙن سان ڪڏڻ نه سمجهن گهرجي ته انهن مغربي قومن مشرق جي قديم تهذيب وڃان "مرالدڙ" ۽ "دوباره زاده ٿيندڙ خدا" جو نظريو ۽ ان جا سنجيده نوعيت جا ساڻ سڙ آڏارا ورتا هئا، جن ۽ الهيءَ تخيل کي اوجاڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون ڊراماني انداز ۽ پيش ڪيو ويندو هو. ان باري ۾، وڏيڪ امڪان هيءَ آهي ته مشرق ۽ مغرب جي مذهبن جي درميان، جنهن مشابهت جو سراغ ملي ٿو، سا انهيءَ حالت ڪان زياده نه هجي، جنهن ڪي اسين عام طرح، حالانڪ غلطيءَ ڪان، محض اتفاق جو اشتراڪ سڏيون ٿا، جن ۾ ساڳين سڀن جو اثر هڪ جهڙيءَ ريٿ واري اسالي ڊيل آي، مختلف ملڪن ۽ مختلف آسمانن هيٺان، ساڳيءَ طرح ڪارپند رهندو هو. هڪ ٻوليءَ ڪي موسمن جي تبديلين جي راز سکڻ، مشڪ ۽ گلاب جي عارضي حسن، سنهري رنگ واري آن جي فاني شان و شوڪت ۽ گلابي رنگ جي ڏاڪ جي ناپائدار خوبصورتيءَ جي ديدار ڪرڻ لاءِ، دوردراز علاقن جي سفر اختيار ڪرڻ جي ڪا، ضرورت ڪانه هئي. هو اڻڄاڻ خوبصورت ملڪ الدرئي اونهاريءَ جي روشن شان و شوڪت ڪي، فطرتي طور حسرت و ياس جي نظرن سان سهاري جي اونده ۾ ايستيءَ ۽ تبديل ٿيندو ۽ وري اهار جي موسم جي واپسيءَ ڪري ڪنهن زندگيءَ ڪي خوشيءَ جي لطرتي جذبي سان ڏسي، سال سال ان جو خير مقدم ڪندو هو. لطرت جي لوڻ ڪي شخصيت بخشي، سندس سرد ذاتي نظرين ڪي تصور جي بيان رنگن سان پرڻ، سندس عريان حقيقتن ڪي ڏلڪتاڻي تخيل جي رنگا رنگي پوشاڪ سان ڍڪڻ جو عادي هئڻ سبب، هو اڻڄاڻ لاءِ موسمن جي ڦرندڙ ڪهرندڙ اظارن سان ديوين ۽ ديوتائن، روحن ۽ ارڻ جو هڪ سلسلو وجود ۽ آندو ۽ هو انهن جي تسمتن جي سالياني تبديلين جي خوشيءَ ۽ افسردگيءَ، مسرت ۽ حسرت جي جذبات سان يادگيري لائم رکندو آيو، جن جو لطرتي اظهار خوشيءَ ۽ روح راڙي، عيش و عشرت ۽ ماتم جي مختلف رسمن ذريعي ٿيندو رهيو. ٻوليءَ ڊيوتائن منجهان، ڪن جي حالات تي غور ڪرڻ سان، جي اهڙيءَ طرح سري، مثلن جي دنيا سان وري نئين سر زلده ٿي اڀرندا هئا، تن جون اسان ڪي شايد ڪي اهڙيون تصوروڻ دستياب ٿي وڃن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي الڊواس، اتيس ۽ اوسورس ڏوتائن جي مشهور تصويرن سان گڏ رکڻ جي قابل هجن. اڄ ڪاري ۽ اسين ڊيٿولينس سان آغاز ڪريون ٿا.

ڊيٿولينس، يا باڪس ڏوتا کي اسين انگور جي ول ۽ ڏاک جي رس سان ٻڌا ٽيندڙ خمار جي شخصيت ۽ ٿيڻي کان وڌيڪ قريبي طرح سڃاڻون ٿا. معلوم ٿئي ٿو ته هن جي ايجادي ٻڌا ڪندڙ ۽ وجد آفرين ٻوڃا، جا اپ ضبط ناڇڻ، جذبات کي متحرڪ ڪندڙ موسيقيءَ ۽ نشي جي زيادتيءَ سان مخصوص هئي، ڪنهن آرپس جي وحشي ٻالڻ ۽ جنر ورتو. جي ڊاسيءَ جي حد تائين نشي جا عادي هٿا. اڄ جا صوفيانا اصول ۽ فضول ساڻ سوڻ ٻولاڻي قوم جي صاف دماغ ۽ سنجيده طبيعت لاءِ بنيادي طور ڏاريا هٿا. اڄ جي باوجود، اها ٻوڃا اڪثر ماڻهن جي شيپ دانيءَ جي شوق ۽ وحشيڻي جي اوائلي حالت ڏانهن سراجيت ڪرڻ جي مادرزاد خواهش کي ايتري قدر پسند ٿئي، جو اهو مذهب ٻولان جي ڪنڊڪڙ ۽ هڪ اپ ٽاءُ واڪر ٿهلجي وڃي، تالجو اهو ڏوتا، جنهن اي قدير ٻولان جي مشهور شاعر، "هومر" جي اک ۽ ڪن ٻڌي هئي، سو ٻولاڻي ڪلچا جي سيڻي کان زياده هردلعزيز شخصيت ڪي ٻيو. هن ڏوتا جي داستان ۽ سندس رسمن جي، اوسورس جي داستان ۽ رسمن سان ايتري قدر مشابهت آهي، جو اڪ قدير ۽ جديد لڪيرن ڪندڙ ماڻ ڪن کي هن راءِ قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي ته ڊيٿولينس پوشيده صورت ۾ اوسورس ئي هو، جنهن کي مصر کان سڏو ٻولاڻ ڏانهن درآمد ڪيو ويو هو. ۽ شهادتن جو زور هن ڳالهه تي آهي ته هن جو حسب نسب ٽريس جو هو ۽ انهن ٻنهي جي ٻوڃائن جي درميان جهڪا مشابهت آهي، سا سندن نظارن ۽ رسمن جي هڪ جهڙائيءَ مان صاف طور سنجهي سگهجي ٿي.

ڊيٿولينس جي ٻوڃا جي، جيتوڻيڪ انگور جي ڇڪڻ سان پراور وڻ ئي خصوصي مظهر آهي، اڃ جي باوجود، هو هڪ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۾ وڻن جو عام طور ديوتا به هو. چنانچه، جڏهن وڇي ٿو ته تقريباً سڀ ٻوٽي "وڻ واري ڊيئونيسس جي ٽاليءَ ۾ صدقا ڏيندا هئا" جو ايوشيا ۾، سندس مختلف لقبن مان "وڻ ۾ وسندڙ ڊيئونيسس"، هڪ هو. هن جو مجسمو، گهڻو ڪري، محض هڪ سڌو ٿنڀ هوندو هو، جنهن کي ٻانهون ڪونه هونديون هيون، پر جنهن کي هڪ ڍڪڻ جيئن ابل هوندو هو ۽ مٿي جي بدران، هڪ نقاب ڍڪيل هوندو هو، جنهن مان ڏاڙهي ٽنگيل هوندي هئي، ۽ ديوتا جي اصلي فطرت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، ان جي مٿي، يا جسم مان وڻ جون ٽاريون ڦٽنديون ڏيکاريون وينديون هيون. هڪ گلدستي ۾ سندس ننڍو مجسمو اڪريل آهي، جو انجيري ٿڙ واري هڪ وڻ، يا ڪالبري مان اڪريل ڏيکاريو ويو آهي. جڏهن وڇي ٿو ته، مالنيڊر درياهه تي، مئگنيشيا وٽ، هڪ وڻ جي اندران، جنهن کي هوا ٽوڙي ڇڏيو هو، ڊيئونيسس جو مجسمو لڌو هو. اهو ديوتا هٿ سان پوکيل وڻن جو سرپرست هو، سندس حضور ۾ اهي ٿي دعائون ڪيون وينديون هيون ته هو ڦال وڻن جي واڌ ۾ اضافو آڻي، هن کي آبادڪار طبقي جا ماڻهو، خاص طرح ميون جا پوکيندڙ، عزت ڏيندا هئا، جي هڪ قدرتي وڻ جي ٿڙ جي صورت ۾ سندس مجسمي کي پنهنجي باغيچن ۾ کوڙي ڇڏيندا هئا. هن لاءِ چيو ويندو هو ته هن سڀني قسمن جا ميوا، جن ۾ صوفن ۽ انجيرن جو خاص طرح ذڪر هو، کوليا لڌا هئا، هن جو حوالو ڏيندي، کيس "گهڻي ميوي وارو"، "اهو، جيڪو سائي ميوي وارو آهي"، ۽ "ميوي کي وڌائڻ وارو" سڏيو ويندو هو. سندس لقبن مان هڪ، "پريل" يا "ڦالندڙ" (جنهن رس، يا پور مان) هو، ائٽيڪا ۽ اڪائيا ۾، ڀتراٿي وٽ، هڪ گلن وارو ڊيئونيسس هو. ائٿنس وارا زمين جي ميون جي واڌ ۽ پنهنجي آسودگيءَ لاءِ کيس صدقا ڏيندا هئا. جيڪي وڻ کيس مقدس هئا، انهن ۾ انگور جي ول کان علاوه، "پائن" وڻ به شامل هو. ڊيلفيءَ واري غيبي آواز ڪارنٿيا وارن کي هڪ خاص قسم جي "پائن" وڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي "ديوتا سان ڀرار" ٻوڌن جو حڪم ڏنو هو، ان ڪري انهن ماڻهن آن وڻ مان ڊيٿوئيسس جا ٻ مجسما تيار ڪيا، جن جا ستنهن سرڇ ۽ باقي جسم گيلت جا ٺهيل هئا. مصورن جي ناهيل شاهڪارن ۾، ديوتائن، يا سندن ٻوجارين جي هٿ ۾ هڪ لڪڙي ڏنل آهي، جنهن جي متهن ۾ "ٻالڻ" وڻ جو ڪوڪڙو لڳل ڏيکاريو ويو آهي. هيتي، انهيءَ ديوتا سان ٻ "آئوي" نسر جي وَل ۽ انجير جي وڻ کي خصوصي طور واسته ڪو ويو آهي. اچرائيءَ جي الڪ شهر ۾، "ڊيٿوئيسس-آئوي" ٻالي هڪ وڏي هولدي هئي، ليڊائمن وٽ، "انجير-ڊيٿوئيسس" ٻالي هڪ وڻ هولدو هو، ٽيڪسوس ۾، جتي انجيرن کي "ميلوچيا" چيو ويندو هو، آتي ڊيٿوئيسس ميلوچيٽس ٻالي هڪ اهڙي ديوتا جي ٻوجا ڪئي ويندي هئي، جنهن جي مجسمي جو ستنهن انجير جي ڪاٺيءَ جو ٺهيل هوء.

ان کان سواءِ، کي اهڙيون علامتون آهن جي، حالانڪ ٿوريون، ٻر ان جي باوجود، ڌيان غور آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڊيٿوئيسس جو زراعت ۽ اناج جي ديوتا جي حيثيت ۾ ٻ، تصور ڪيو ويو هو. جيو وجي ٿو تہ هو ٻاڻ ٻ آباڪاريءَ جو ڪم ڪندو هو، هيءَ ٻ، ڪالهہ، ڪئي وجي ٿي تہ هو ٻي ٻاريون شخص هو، جنهن ڏکڻ کي هر ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو، ان کان اڳ ٻ، هر ڪي هٿ کان گهليو ويندو هو، انهيءَ روايت ۾ هن راز جو سراغ ڪوليو هٿ ڪيو ويو، جيڪو اڪثي هلي ڏسنداسون تہ ديوتا ٻنهنجن ٻوجارين کي ٻو ڇوڪريءَ ڏور جي صورت ۾ ديدار ڪرائيندو هو، اهڙيءَ طرح، جيو وجي ٿو تہ ڊيٿوئيسس ديوتا، هر جي ڇوليءَ جي رهبري ڪندي، اڪثي هلندي ۽ ٻج ڇڻندي، آباڪارن جي مشڪت ۾ آسانيءَ پيدا ڪئي. ان کان علاوه، هي ٻ، جيو ويو آهي تہ ڪرس رياست ۾، ٻسائڻائي ٻالي هڪ ديبلي جي ملڪ ۾، ڊيٿوئيسس جو هڪ وڏو ۽ خوبصورت مندر هو، جنهن ۾ سندس ميلي جي رات تي، هڪ تيز روشنائي چمڪندي نظر ايندي هئي، جا پراسرار ۽ پٺي اصل لاءِ ديوتا جي طرفان ڏنل ضمانت هوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ۽ جيڪڏهن اڪ سال اصل ناڪاميابيءَ ۾ واڌا هوندا هئا، تہ اها ۽ اسرار روشنائي نظر ڪانہ ايندي هئي ۽ آستاني مٿان، حسب سابق، اولڙه جو سياه ۽ڏو چادر نظر ايندو هو. اڪ ڪاڻ سواءِ، ڊيٿولوسس جي نشانين ۽ ڇڄ ۽ شامل هو، جنهن کي اڄ تائين ۽ ڪڙمي، الاڇ جي دالڻ کي مٿي هوا ۽ اڇلائي، وري منجهس جهٽي، الاڇ کي توڙڻ ڪان جدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. الهيءَ سادي ارعي اوزار کي ڊيٿولوسس جي صوفيائي رسم و رواج ۽ وڏو درجو حاصل هو، درحقيقت، هڪ روايت ۽ جيو وهو آهي تہ الهيءَ ديوتا جي جنم وات اڪ کي اينگهي جي اڃاڻ هڪ ڇڄ ۽ رکيو وهو هو. معصوميءَ جي شاهڪار ۽ رکيل هڪ معصوم ٻار جي صورت ۽ ڇڄ ۽ الهڻ لي سهيل ڏيکاريو وهو آهي. الهڻ ٻي روايت ۾ اهڙن اظهارن سبب، هن "لڪنالينس" جي صفت حاصل ڪئي، جنهن جي معني آهي، "اهو، جيڪو ڇڄ وارو آهي".

لباتات جي سيني ۾ن ديوتائن واڪر، ڊيٿولوسس لاءِ، اهو ئي اعتقاد هو تہ هن کي قتل ڪري زوريءَ ماريو وهو هو، ۽ رکيس دوباره زنده ڪيو وهو هو، هن جي ڏکن ڏاکڙن، موت ۽ ٿيڻ جنم کي سندس رسم ۽ ڊرامائي طور ادا ڪيو ويندو هو. هن جو دک ڀريو داستان نونٽس تالي هڪ شاعر الهيءَ طرح بيان ڪيو آهي. زيوس ديوتا هڪ تالڪ جي صورت ۽ ارسفون وٽ وهي، جنهن هن کي زنگروس، يعني ڊيٿولوسس، سڏن وارو معصوم ٻت جڏي ڏنو. اهو معصوم ٻار اڃا جالو من هو، تہ هو ٻنهنجي والد، زيوس ديوتا جي تخت تي چڙهي وهو ۽ وڃ کي ٻنهنجي لنڊڙي هٿ ۽ ڪڏي ڦيرائيندي، الهيءَ عظيم ديوتا جو نالو ڪيو. ۽ هو ڪٿيءَ دير تائين تخت تي ڪوڙ وهي سگهيو، جو تہ دغاباز ٽيٽن* ٽيٽلي جي مائٽن، جن جا منهن جن

* غيرمعمولي جسامت وارن مائٽن جي هڪ ٽولي، جا زيوس ديوتا جي هٿن ۾ قائم ٿيل عالمي نظام کي ظاهري ناراضگيءَ سان مچيندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان اچا ٽيل هٿا، متس ان وات حملو ڪيو، جڏهن هو آڻيني
۽ ٻنهنجو منهن ڏسي رهيو هو. ڪجهه وات ناڻين تہ هوسندن حملو ڪيو،
ٻنهنجي شڪل ڪي مختلف صورتن ۾ بدلي، تاريندو رهيو— ڪڏهن هو
زيوس؟ ڪرونس ديوتائن، ڪڏهن ڪنهن نوجوان، تہ ڪڏهن ڪوڙي ؟ ٽالڪ جون صورتون هڪ ٻي ٻيان اختيار ڪيون.
آخرڪار، هوڏڪي جي صورت ۾ ٻنهنجن دشمنن جي خونخوار خنجرن
جو شڪار ٿيو، جن ڪيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪٽي ڏنو ڪيو.
ڪريٽ ٻيٽ واري سندس ڏاڏڪتا، جنهن جو ٻاريڪس مٿرآس
ذڪر ڪيو آهي، سا هن طرح آهي: هن لاءِ جيو ويندو هو تہ هو
ڪريٽ جي ٻيٽ جي جيوٻٽر ٽالي هڪ بادشاهه جو حرامي پٽ
هو. جيوٻٽر پنهنجي ملڪ کان باهر ويندي، پنهنجو تخت و تاج
نو سال ڊيڪوليس کي منتقل ڪري ڏنو، ۽ جڏهن تہ ڪيس معلوم
هو تہ سندس زال، جيوٽو جي دل ۽ پيار لاءِ متعصبانہ نفرت پيدا ٿي ويئي،
ان ڪري هن ڊيڪوليس جي سار سنڀال ۽ پرورش سندس محافظ
سان هڪ اجڻي جي سپرد ڪئي، جنهن ڪي ڪيس ٻاور هو. ۽
جيوٽو محافظ کي رشوت ڏني ۽ پار کي هڪ جهنجهن ۽ حرافت
سان تيار ڪيل هڪ آرسي سان ولدرائي ۽ لڳائي، هڪ
ڪمينگاهه ڏانهن وڃي وڃي، جتي سندس طفيلي سائي، ٽيٽن ٻيلي وارا
ٻار ٻيٺا هٿا ؟ انهن ٻار تي حملو ڪري، سندس هڪ عضوو جدا
ڪيو ؟ ان جي مرده جسم جي ٽڪرن کي مختلف جڙي ٻوٽن ۽ جوش
ڏيئي، ڪائي ڇڏيو. ۽ جوٻٽر جي ٻين منروا، جا بذات خود
الهي خدي هئي ۽ شريڪ هئي، تنهن ٻار جي دل ٻاڻ وٽ رکي ؟
ڇڏهن جوٻٽر واپس آيو، تڏهن اها هن کي ڏيئي، الهي ڏوه
جو سچو داستان سندس ڪوش گذار ڪيو. غصي ۽ ٻاه ۾،
جوٻٽر ٽيٽن ٽيلي وارن کي عذاب ڏيئي ماريو ؟ ٻيٽ جي موت
سبب جيڪو ڪيس راج رسيو، تنهن کي ڏڪ ڪرڻ لاءِ هن
سندس هڪ مجسمو تيار ڪرايو، جنهن ۽ هن الهي جي دل
بند ڪري، سندس اعزاز ۽ هڪ وڏو مندر تعمير ڪرايو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ جوابدار ۽ جادوگر (زيوس ۽ هيرا) کي ڪريت ٻيٽ جو بادشاه ۽ راڻي ٻڌايو، ڏندڪٿا کي حقيقت سمجهڻ ۽ رنگ ڏيڻ ويو آهي. جن محافظن جو حوالو ڏنو ويو آهي، سي اهي ڏندڪٿائي ڪوريٽس آهن، جن معصوم ڊٿولاسس جي چوڪرد اهڙي ٿي لموني سان جنگ جو ناچ ڪيو هو، جيئن الهڻ لاءِ جوو ويندو آهي ته الهڻ معصوم زيوس جي چوڪاري ڪيو هو. هي روايت، جنهن کي ٻڌي لوئس ۽ فرموکس ايان ڪيو آهي، ته ٻنهنجي پارائي عمر ۾ ڊٿولاسس ٻنهنجي ٻي، زيوس جي تخت تي ويٺو هو، خاص طرح قابل غور آهي. ساڳي طرح، پروکلس ٻڌائي ٿو ته ڊيوتائن جي الهڻ بادشاهن مان، جن کي زيوس مقرر ڪيو هو، ڊٿولاسس آخرين بادشاه هو. جو ته سندس ٻي ڪيس شاهي تخت تي وهاريو، اقتدار جو ڏنڀو سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ ڪيس دنيا جي پهرين ديوتائن جو بادشاه ٻڌايو. اهي روايتون بادشاه جي بدران سندس پٽ کي راڻا ڪرڻ کان اڳي ادا ٿيندڙ آهي رسم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، جنهن موجب شهزادن کي عارضي طور شاهي شان و شوڪت سان نوازيو ويندو هو. جيو وجي ٿو ته، جهڙي طرح اٽيوس جي رت سان لال گل ۽ اتيس جي رت سان بنفشو گل ٺهي لڪتا هئا، تهڙي طرح ڊٿولاسس جي رت سان ڏاڙهون ٺهي لڪتا هئا، چنانچه، ٽيسموفوريا جي لقب تي عورتون ڏاڙهون جي ٻج کائڻ کان پرهيز ڪنديون هيون. ڪن جو چوڻ آهي ته زيوس جي حڪم تي اٽولو ديوتا ڊٿولاسس جي منقطع ٿيل عضون کي ڪٺيو هو ۽ الهڻ کي پارنيسس ٻاڙي تي دفن ڪيو هو. ڊٿولاسس جي قبر ڊيلفي جي مندر ۾ اٽولو ديوتا جي سوني مجسمي جي پاسي ۾ ڏيکاري ويندي هئي. بهرحال، هڪ ٻي روايت مطابق، ڊٿولاسس جي قبر ٽيبس ۾ هئي جتي، جيو وجي ٿو ته، ڪيس، ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو هو. هن حد تائين ته ديوتا جي دوباره جنم جو ڪو ذڪر ڪونه ڪيو ويو آهي، ۽ الهي ڏندڪٿا جي ڪن ٻين روايتن ۾ ان جو مختلف نمونن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ روايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطابق، جنهن ۾ ڊيٿولاسس کي زيوس ۽ ڊيميٽر جو پٽ سڏيو ويو آهي، سندس ماڻهن هنجي پٽ جي ويڙهل عضون کي ويهي جوڙيو هو ۽ ان کي هڪ دفعو ٻيهر نوجوان بڻائي چڏيو هو. ڪن ٻين روايتن ۾ نقطا ابتر جو ويو آهي ته دفن ٿين کان اڳوئي ٻوڙ، هو مٽلن جي وچان آڻيو ۽ آسمان ڏانهن جڙهي ويو، يا وري، هڪ کي زيوس ديوتا ان وقت مٽي ڪيو، جڏهن هو زخمي حالت ۾ زمين تي ٻيو هو، يا زيوس ديوتا ڊيٿولاسس جي دل ڇڪائي ويو ۽ ان کي لئين سر سميل جي بطن مان ڄڻيو، جنهن کي عام روايت ۾ ڊيٿولاسس جي ماڻ چيو ويو آهي. يا وري، جيو وڃي ٿو ته ڊيٿولاسس جي دل جڳي، سميل کي دوا ۽ اڌاري ويئي هئي، جنهن مان ڊيٿولاسس ڄاڻو هو.

ڏند ڪٿا کي ڇڏي، سائنسي نقطي نظر کان معلوم ٿئي ٿو ته ڪريٽ جا باشندا هر ٻن سالن کان پوءِ هڪ تقريب منعقد ڪندا هئا، جنهن ۾ اهي ڊيٿولاسس جي انتهائي سخت تڪليف ۽ ڏکي ڏاکڻ کي تفصيلوار نموني ساڻ پيش ڪندا هوا. زندگيءَ جي آخري لمحن ۾، هن جڪي ڪجهه ٻاڻ ڪيو يا برداشت ڪيو هو، سو سندس پوئلڳن جي اکين آڏو ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو هو، جي هڪ جيڙي ڏيکي ويندي ڏسڻ سان ڇڪ ٿائي، ڪر ڪندا هئا ۽ ساڪٽي واٽ شور و غل مچائيندا پنهن ۾ ڊوڙندا وتندا هئا. انهن جي اکين هڪ ٽوڪرو هوندو هو، جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته ان ۾ ڊيٿولاسس جي مقدس دل رکيل هوندي هئي، نصرن ۽ جهانجهن جي ٻي ترتيب موسيقيءَ سان ماڻهو انهن چنجهٽن وڄائڻ جو لطف ڪندا هئا، جي معصوم ديوتا کي سندس موت طرف ڪشش ڪري وئي وڃا هئا. جتي دوباره جنم ڏيڻ جو هڪ حصو هيو. اتي ديوتا جي پنهن سائي سوڙ ڪرڻ وقت ۽ ان جو نمونو پيش ڪيو ويندو هو. ابتري قدر ۽ نظر اچي ٿو ته دوباره جنم يا ڪر از ڪر لافانيت جي عام اصول جي پوڄاري جي دلين ۾ زوردار اثر وٺندو هو. جو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻلوٽاڻ ٻنهنجي ننڍڙي ڏيهه جي وڻات جي مولعي ٿي ٻنهنجي زال کي تسلي ڏيڻ لاءِ لکندي، ان کي روح جي لازوالپڻ جي ٻيان جي آڌار تي آڻت ڏني ٿو، جيڪا روايت ذرهي ڪين سيکاريو وڃو هو، يا جيڪا ڊئوليسس جي خفيه رازن ۾ ٻيان ڪيو وڃو هو. ڊئوليسس جي موت ۽ ٽئين ڏينهن جي ڏند ڪٿا جو هڪ ٻيو نمونو وري هيءَ آهي ته هو ٻنهنجيءَ ماءُ سيميل کي اهل ممات وارن وٽان واپس آڻڻ لاءِ تحت الثريٰ ۾ لهي وڃو هو. مقامي آرڪيو لوم وارن جي روايت هيءَ هئي ته هو الهيءَ سفر تي اٽلسموٽن ڏانڊ ماڻ هيٺ وڃو هو، ۽ عالم ٻاريڪ ماڻ سندس واپسيءَ، يا دوباره جيڪي ٽين جي تقريب، هر سال آرڪو لوم وارا الهيءَ جاءِ تي ملهائيندا هئا ۽ اهي توتارا وجالي ڪمن پالهيءَ ماڻ ٻاهر اچڻ لاءِ سڏ ڪندا هئا ۽ اهل ممات جي چوڪيدار کي انڊراني ڏيڻ لاءِ، اهي هڪ ريڍ کي ڏانڊ ۾ ڏئو ڪندا هئا. اها موسم بهار جي تقريب هئي يا ڪيڻ، سا ڪالهه معلوم نه ٿي ٿئي، ۽ ليڊيا جي ملاڻي وارا ڊئوليسس جي آمد جي تقريب ٻڌڻ بهار ۾ ملهائيندا هئا، ماڻهن جو اهو اعتقاد هو ته ڊيوتا الهيءَ موسم کي ٻاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو. نباتات جي الهڻ ڊيوتائن کي، جن لاءِ اهو اعتقاد هوندو آهي ته اهي هر سال ڇو ڪجهه حصو زور زمين گذارينداً آهي، فطرتي طور عالم زيرين يا عالم ارواح جي ڊيوتائن جي حيثيت ۾ تصور ڪيو وينڊو آهي. ڊئوليسس ۽ اوسيرس جو الهيءَ حيثيت ۾ ئي تصور ڪيو وينڊو هو.

ڊئوليسس جي ڏند ڪٿائي حيثيت ۾ سندس هڪ خصوصيت، جا اهريءَ نظر ۾ سندس نباتات جي ديوتا هڻ جي فطرت سان غير موزون معلوم ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته هن کي گهڻو ڪري حيواني صورت ۾ تصور ڪيو وينڊو هو، ۽ ڪن حالتن ۾، ان جي الهيءَ حيثيت ۾ نمائندگي ڪئي وينڊي هئي، جا خاص طرح ڏکي جي صورت ۾، يا هڪ از ڪر ڏکي جي سنگن سان واسته جوڙيندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنانچہ، ڪوس "ڪئون" مان چاول" "ڏکو"، "ڏکي جي صورت وارو"، "بن سنگن وارو" "سنگن وارو" جهو ويندو هو. ماڻهن کي اهو اعتقاد هو ته هو، ڪر از ڪر ڪن موقعي تي، ڏکي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. اهڙي سنگن واري ڊيئوليسس جا ٻوٽا قديم زمانن جي يادگيرين، ۽ اڄ تائين ڪجهه، يادگار ۽ لڏا وڻا آهن. هڪ ننڍڙي مجسمي ۾ هو ڏکي جي ڇڙي ۽ ملبوس معلوم ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڏکي جو مٿو، سنگ ۽ ڪر ٻئي ڪان هيٺ لڪيل آهن. هڪ ٻئي حالت ۾ ورهين، هن کي بار جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي ايشائي جي چوڪرد ڊاک جا ڇڪا وڙهيل آهن ۽ سندس مٿي جي ٻنهان هڪ گاب جي سڄي ڪنڊ ۾ آهي، جنهن مان اوان سنگ ٿي ٻاهر ڪري رهيا آهن. سرخ رنگ جي تصورن واري هڪ ڪلستي مٽاءِ الهي ديوتا کي گاب جي سڄي واري بار جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جو هڪ عورت جي گود ۾ ويٺو آهي. مائنائيٽا جا باشندا سياري جي موسم ۾، ڊيئوليسس ديوتا جي تقريب ملهائيندا هئا ۽ ان موقعي تي مرد، جن الهي موقعي لاءِ ٻنهنجي سڄي بدن کي تيل لڳيو هوندو هو، ڏکن جي ڏڻ وڄان هڪ ڏکو منتخب ڪندا هئا ۽ ان کي ديوتا جي آستاني ڏانهن وٺي ويندا هئا. ماڻهو اڻين سمجهندا هئا ته الهي خاص ڏکي جي انتخاب ۽ خود ڊيئوليسس سندن امداد ڪندو هو ۽ اهو ڏکو ئي ديوتا جي نمائندگي ڪندو هو، جو ته اهو ۽ اعتقاد هو ته ٻنهنجن تقرين ۾ اهو ديوتا ڏکي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. ايلس عالاقي جون زالون ان کي ڏکي جي حيثيت ۾ خوش آمديد ڪندڙون هيون ۽ سندس حضور ۾ اها دعا ڪنديون هيون ته هو ڏکي جي ڪٽرن سان وٽن وڃي. اهي عورتون هي گيت گائيندڙون هيون: "اي ڊيئوليسس، هيڏانهن اچ، سمنڊ جي ساحل تي واقع ٻنهنجي مقدس مندر ڏانهن، ٻنهنجن لعنتن سان ڳڏ ٻنهنجي مندر ڏانهن اچ، ٻنهنجي ڏکي جي ٻرڻ سان تکو ڊوڙندو اچ، اي ارڪتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا ڏکار، اي چگا ڏکا!" ترس جي ٻڇاڙال ٻيلي وارا ٻڌنجي ڏيوتا جي نقل ڪرڻ خاطر، مٽي ۽ سنگ وڃي گهمندا هئا. هڪ روايت مطابق، ٽيئي ٻيلي وارن ان کي ڏکي جي صورت ۾ ٿي ٽکرا ٽکرا ڪيو هو، ڪرت واري ڏينهن جي ڏکڻ ڏاکڻ ۾ موت جي اداڪاري ڪندي، آهي هڪ جيڙي جاڳندي ڏکي کي چڪن سان ٽکر ٽکر ڪندا هئا. درحقيقت، جيڙن ڏکن ۾ گابن جو جيڙن، قازن ۾ ڪڙڪائن ڏينهن جي مذهب جي رسم و رواج جي هڪ ڏسنوري خصلت معلوم ٿئي ٿي. جڏهن اسين ڏيوتا کي ڏکي جي صورت ۾، يا ان جي چند خصوصيتن واري ڪنهن ٻئي جانور جي شڪل ۾، ان جي تصور جڙ جي رسم ٿي، يا انهيءَ اعتقاد ٿي، ته هو ٻڌنجي مقدس سائن جي ادائگيءَ واڻ ٻڌنجي ٻوجارن اڳيان ڏکي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو ۽ هن روايت ٿي، ته ڪمن ڏکي جي صورت ۾ ٿي ٽکرا ٽکرا ڪيو ويو هو، شور ڪرڻ تا ته ٻوءِ اسين هن ياري ۾ ڪو، شڪ شبهو نه تا ڪري سگهون ته سندس ٻوجاري ڏيوتا جي ميلي واڻ، جيڙي ڏکي کي چڪن سان جڙن، کوهن ۽ ڪڙڪائن ۾ هيءَ اعتقاد رکندا هئا ته هو ان واڻ خود ڏيوتا کي ماري، ان جو گوشت کائي ۽ سندس رت پي رهيا هئا.

ڏينهوارسن جڏهن ٻئي جانور جي شڪل اختيار ڪندو هو، سا ٻڪري هوندي هئي. سندس مختلف نالن مان هڪ نالو "چيلو" ۽ هو. اڻنس ۽ هرمين ۽ ڪيس "ڪاري" ٻڪريءَ جي ڪل وارو" جي لقب سان ٻوجهو ويندو هو ۽ هڪ هيءَ روايت عام طرح مشهور هئي ته ڪنهن موقعي ٿي هو اهڙي جيڙي ۽ ملبوس ٿي ظاهر ٿيو هو، جنهن مان ڪيس اهو لقب ڏنو ويو هو. ٽليئس جي شراب ٻدا ڪندڙ خلعي ۽، جڏهن موسم خزان ۽ زمين اڃا انگوري ول جي سرخ ۽ سونهري ڪوماڻيل بٽن سان ڏکي ٻئي هوندي آهي، اڃي قديم زماني ڪان وٺي، ڪنهن مان ڏهل ٻڪريءَ جو هڪ مجسمو ٻڌل هوندو هو، جنهن کي اتان جي آباد ڪار ٻڌنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻن کي ياري کان محفوظ ڪرڻ جي خاطر ڪرڻ لاءِ سوٽو
ورڻ ساڻ ڏڻي ڇڏيو هو. اهو مجسمو ڪٿو ڪري خود الکوري
وڻ جي ديوتا جو نمائندو هو. نوجوان ديئولسس کي هيرا ديوي
جي غيض و غضب کان بچائڻ لاءِ، سندس اڳ، زيورن،
چهري جي صورت ۾ تبديل ڪيو هو ۽ جڏهن ديوتائون ٽالفون
جي ٿهر کان بچن لاءِ مصر ڏانهن فرار ٿيا هئا، تڏهن ديئولسس
کي پڪري ۾ تبديل ڪيو ويو هو. چنانچه، جڏهن سندس
پوڄاري جيئري پڪري کي چوري، ڦاڙي، ڪچو کائيندا هئا،
تڏهن کين اهو ئي يقين هوندو هو ته اهي ڏهنجي ديوتا جو گوشت
۽ رت کائي رهيا هئا. جانورن ۽ ماڻهن جي جسمن کي چيرڻ ڦاڙڻ
۽ ان کان پوءِ انهن کي ڪچي کائڻ جي رسم کي جديد دور جي
وحشي مذهبي ساڻ طور ادا ٿئي ڪيو آهي. ان ڪري، ممڪن
ديوتا جي جنولي پوڄارن جي اڳڙن ساڻين رسمن جي ادائگي
متعلق، قديم زماني جي شهادت کي هروڀرو هڪ فرضي آکاڻي
سمجهي، اسان کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي.

ديوتا کي حيواني صورت ۾ قتل ڪرڻ جي رسم متعلق، جنهن
جي اصل اڃڪٽي هلي زياده تفصيلوار ڄاڻ ڪنداسون، انساني ثقافت
جي انتهائي قديم دورن ۾ غلط فهمي پيدا ٿين جو امڪان رهيو
آهي. خيالات جي ارتقا قديم حيواني ۽ نباتاتي ديوتائن جي باهرين
پهمار ۽ نباتاتي ڪوپي کي لاهن، ۽ سندن انساني خصلتن ۽ خوبين
کي (جي هميشه کان وڌي الهي نظرين جا ڪپ رهيون آهن) انهن
جي آخرين ۽ اڪيلي بچ جي حيثيت ۾ ٻڌائن ٻاڌي ڇڏڻ طرف
لاڙو رکيو آهي. هن لفظن ۾ ڪٿي ڇڪجي ته حيواني ۽ نباتاتي
ديوتا خالص انساني خوبين ۽ خصلتن جا مالڪ ٿي ويا ٿا.
جڏهن اهي هڪ دفعو ڪلي يا جزوي طور انهن ٿي چڪا آهن،
تڏهن اهي جانور ۽ ٻوٽا، جي، ڀرپائون بذات خود ديوتائون هئا،
اڃا ۽ انساني خصلتن وارن ديوتائن سان، جي انهن سان ٿي ترقي
ڪري پيدا ٿيا آهن، هڪ سنجيدگي ۽ گمراهه ڪندڙ رابطو قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪا، هڪ دفعو، جڏهن ديوتا ۽ جانور يا ٻولي جي ڪا وارو رشتو نراموش ٿي وڃي ٿو، تڏهن ان کي سمجهائڻ لاءِ مختلف آکاڻيون ۽ روايتون ايجاد ڪيون وڃن ٿيون. اهي سمجهاڻيون، متدس جانور يا ٻولي سان اختيار ڪيل عادتي يا خصوصي هلت چلت مطابق، ٻنهي طريقن سان هڪ صورت اختيار ڪري سگهن ٿيون. مثال طور، جيڪڏهن هڪ متدس جانور کي عادتاً چڏي ڏنو ويندو هو ۽ ڪو خصوصي حالات ۾ ذبح ڪيو ويندو هو، تہ ان حالت ۾ انهن ٻن صورتن سان هڪ جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ، هن ڏانڪ کي جي ايجاد ٿيڻ جو امڪان رهندو تہ ان کي چو ذبح ڪيو ويندو هو. انهن ٻنهي متصدن سان، جيڪڏهن اول الذڪر لاءِ ڏانڪ کي ايجاد ڪيندي، تہ اها هڪ صورت اختيار ڪندي تہ انهيءَ خاص جانور ديوتا جي ڪا ٻ ڪا خدمت ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن موخرالذڪر مقصد لاءِ ڪا ڏانڪ کي ايجاد ڪئي ويندي، تہ ان ۾ ٻڌايو ويندو تہ انهيءَ جانور ديوتا کي ڪو نہ ڪو ضرر رسايو هو. ڏيئوڏيسن جي خدمت ۾ ٻڪرين جو قربان ڏيڻ ٻولين قسم جي ڏانڪ کي جو مثال پيش ڪري ٿو. انهن کي هن سبب ڪري قربان ڪيو وڃي ٿو، جو جو وڃي ٿو تہ انهن الگوري ول کي نقصان پهچايو هو. هاڻي، اسين جيئن مٿي ڏسي آيا آهيون، ٻڪري دراصل خود انهيءَ ديوتا جي وجود جي مظهر هئي. ۽، جڏهن ديوتا ٻنهنجي حيواني حيثيت جو جامو لاهي ڏنو ڪيو ۽ اهو خالص انساني خصلتن جو مالڪ ٿي ٻيو، تڏهن ڪاڻ ٻوءِ متدس ٻوجا ۽ ٻڪريءَ جي ذبح کي خود ديوتا جي ذبح سمجهن چڏي ڏنو ويو، ۽، انهيءَ ڪاڻ ٻوءِ انهيءَ ذبح کي ديوتا جي حضور ۾ قرباني جي حيثيت ۾ تصور ڪيو ويو. ۽ جنهن صورت ۾ انهيءَ ڪالهہ جو ڪو نہ ڪو سبب مهيا ڪرڻو هو تہ خصوصاً ٻڪريءَ کي چو قربان ڪرڻو پوندو هو، تڏهن اها دعويٰ ڪئي ويئي تہ ٻڪريءَ کي اها سزا الگور جي ول کي نقصان پهچائڻ جي ڏاڍاس ۾ ڏني ويئي هئي، جا ديوتا جي خاص حفاظت هيٺ آيل هڪ شيءَ هئي. چنانچہ، اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون ڪري اچڻ عجب نظارو موجود آهي، جنهن ۾ خود ديوتا
ڪي سنڌين حضور ۾ هن دليل تي اربان ڪيو وڃي ٿو تہ هو
انهيءَ دشمن ياڻ آهي. ۽ جئين تہ ديوتا جي حضور ۾ اربان
ڪيل حيوان يا انسان جي گوشت مان ڪجهہ حصو ضرور ڪاڍيو
آهي، اڃ ڪري ان ماڻ هڻڻ لاءِ جيڪو لازمي طور ڪري ٿو تہ جڏهن
اربان ڪيل هستي پاڻ خود ديوتا آهي، تڏهن ديوتا پنهنجو
گوشت ڇاڪاڻ ٿو چاڻي، پڪري ڊيئولوسس کي پڪري
جو ڪجهہ گوشت ۽ رت ڪائيندو ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ڪي ديوتا
ڊيئولوسس کي ڏکن خور" سڏيو ويو آهي. انهن مثالن جي مشابهت ڏيئي
اسين هي" ثابت آڻڻ ڪري سگهون ٿا تہ جتي ۽ ڪنهن ديوتا
کي ڪنهن خاص" جانور جو ڪائيندڙ ٻڌايو ويو آهي، اتي
مذڪور جانور، دراصل، خود ديوتا کان علاوه ٻيو ڪو، ڪونہ
هيو. اڪثر هلي اسين ڏسنداسين تہ ڪي وحشي مثل رڇ ۽
وڏن ٻڍن کي راضي ڪرڻ لاءِ، سندن ڪي جسم جا ڪجهہ
حصا ڏيڻ، ڪين بطور نذرانو پيش ڪندا آهن.

بهرحال، اهي سڀ ڪالهيون هن حقيقت کي سمجهائڻ کان
قاصر آهن، تہ ڪائنات جي ديوتا کي حيواني صورت ۾ جو اڄ
گهرجي، اڃ بهتر ڄاڻندو، جيڪڏهن الهيءَ ڏکڻي تي غور و خوض،
ڀرپور جي اخلاقي ۽ خصلتن تي بحث ڪرڻ بعد، ڪيو ويو.
ان وچ ۾، هي" ڪالهہ لاءِ ذڪر آهي تہ ڪن ڪائن تي ڊيئولوسس
جي مائٽ سوڻن ولت، جانور جي بجاءِ زنده انسان کي چني ۽ ڪوهي،
ڏکر ڪيو ويندو هو. اها رسم جيئرو ۽ موجود
هئي، ۽ يوئيوشيا ۾، بالنهالي وٽ هي" روايت مشهور هئي تہ الدم
زمالي ۽ هي" رسم هئي تہ پڪرين-ماريندڙ ڊيئولوسس کي ٻار جي
اربالي ڏني ويندي هئي، جنهن جي بجاءِ، بعد ۾، پڪري آندي
وئي. اورچومينس ۾، جيڪا اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، جنهن
سالهو" جي قرباني ڏيڻي هوندي هئي، سو الان جي الدم شاهي
ڪنداڻ جي ٻوڙهين عورتن کان ورتو ويندو هو. جنهن ڏينهن ايل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکو يا بکري، ذبح ٿيل ڏيوتا جي اماليندگي ڪندا هئا. ايئن
اسان کي اهو ٻڌايو ويو آهي ته اسان ۽ انسان، ضرور ملتوڻ
ڏيوتا جو نمائندو هوندو.

اينٽيئس؟ لائڪر ڪن ناني ۽ بادشاهن جون روايتون، جو سان
هڪ ٻڌو وڃي ٿو ته، اينٽيئس کي ٻڪاناال ٻيلي وارن؟ لائڪر ڪن
گهوڙن، ڏهٽولمس جي سائن سوٽ جي مخالفت ڪرڻ بيٺ ٽڪر
کي ٽڪر ڪري چڏيو هو، مقدس بادشاهن کي ڏهٽولمس
جي حيثيت ۾ قربان ڪرڻ؟ ٻندن ٽڪر ٽڪر ٽيل جسم کي
ٻنهن جي آبادي؟ جي مقصد خاطر منتشر ڪرڻ جي رسم جا،
جيئن آءٿنس ذڪر ڪري آهي آهي، يڪڙيل يادگار ٿي سگهن
ٿيون. اهو ڪو محض الفاظ جو اشتراڪ نه ٿو ٿي سگهي ته خود
ڏهٽولمس کي ٽيبس ۾ جوڙي؟ قاڙي، ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو
هو، اها ساڳي جاءِ آهي جتي، روايت مطابق، اينٽيئس بادشاهه
جو انگور جي ول جي ڏيوتا جي اوچارن جي هٿان ساڳيوئي
حشر ٿيو هو.

بهرحال، انساني قرباني؟ جي روايت کن ولتن ني قرباني؟
جي رسم جي محض هڪ غلط معني هوندي، جتهن ۾ قربان ٿيندڙ
جانور سان هڪ انسان جهڙي هلت ڪئي ويندي هئي. مثال
طور، ٽينيدوز ۾ ڏهٽولمس جي ناني ۾ قربان ٿيندڙ هڪ ٻڪرو جاول
گاءِ جي اوزن ۾ جهڙي جا اهڙا اوت وڏا ويندا هئا جي ان جي
ڪوڏ تائين وڃي پهچندا هئا؟ سوٽا ڪاون؟ جي حفاظت هڪ
ڪپورازي عورت واڪر ڪئي ويندي هئي. روم ۾ هڪ ٻڪري؟ کي
ويڊيجووس جي ناني ۾ اهڙي؟ طرح قربان ڪيو ويندو هو، جڏ ته
اها ڪا قربان ٿيندڙ مالهو هوندي هئي. اڪ هوندي ۽، ٻئي
طرف هي؟ ڪالهه ۽ اوتري قدر ٿي ممڪن، يا اڃا ۽ زياده تائين
قياس آهي ته خود اهي عجيب و غريب سانڌ، مالهن کي قربان
ڪرڻ جي اڃا ۽ زياده تدبير ۽ زياده وحشي رسم جا نمونا هئا
؟ اوڏين دور جو قرباني؟ جي جانورن سان مالهن جهڙي سلوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو ڏونگ، ليڪ ليٽيءَ ۾ رحمدليءَ واريءَ لڳيءَ جو محض هڪ حصو هو، جا ديوتا سان چالاڪي ڪري، ڪيس جيڏن مردن ۽ عورتن کان گهٽ قيمتي قربانيون ڏيئي، راضي ڪري چڏيندي هئي. الهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم جي متعدد غير مشڪوڪ حالتن جي ذريعي، جن ۾ اوراڪ ٽيتڊز مالهن جي بجاءِ جانورن کي ڪتب آندو وڃو آهي، تصديق ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڪيتاليهون

ڊيميٽر ۽ پرسيفون

ڊيوليسن ڪي، ته تنها اهڙو يوناني ديوتا ڪوڙ هو، جنهن جي الوسناڪ ٿيڻ ۽ سات سؤ سال تائين جي ڪوماڻجڻ ۽ وڙي زائده ٿيڻ جو عڪس ملندو نظر اچي ٿو. اهو ٻڌائو ٿيو ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا ۽، هڪ ٻئي ٿيوني ۽ مختلف مقصد سان ڪري اڇي ٿيودار ٿي آهي. سندس ڏند ڪٿا ڪافي حد تائين شامي انگروڊائيٽ (السنارٽ) ۽ انڊوسين فرالجيا جي سبب ۽ ايٿنس، ۽ مصري آئسس ۽ اوسورس جي ڏند ڪٿائن جهڙي ٿي معلوم ٿئي ٿي. ايشيائي ۽ مصري ڏند ڪٿائن وانگر، يوناني ڪالهه ۽ ۽ هڪ ديوي ٻنهنجي محبوب جي موت تي ماتر جا ڪوڙها ڪاڙي ٿي، جو ٻاتات ۽ اڃا ۽ زياده خصوصيت سان، اناج جو نمائندو آهي، جيڪو بهار جي موسم ۽ دوباره زنده ٿين لاء سياري ۽ مرئي وڃي ٿو. لفظ هڪ طرف، جتي مشرقي تخيّل محبت واري ۽ وڇايل شخص کي مثل عاشق يا مثل مڙس جي حيثيت ۽ تصور ڪيو، جنهن لاء سندس محبوبه، يا سندس زال ماتر ڪندي هئي، الي يوناني خيال الهيءَ ساڻي جڏهن کي مثل ڏيءَ لاء هڪ غمگين ماءُ جي روپ ۽ واڙي جي زياده ساڪ ۽ زياده ٿر جڏهن اچي شڪل ۽ صورت بخشي.

ان باري ۽ سڀني کان زياده قديم ادبي دستاويز، جنهن ۽ ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا جو ذڪر ڪيل آهي، سو "هومر" جو اهو خوبصورت "ڊيميٽر جو گيت" آهي، جنهن کي وٺ جا ٽاند ستين صدي ق.م سڄي سان واسته ڪيندا آهن. الهيءَ ٻت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصد "ايلوسس رياست جي مذهبي خفيه رازن" جي بنياد سمجهائڻ جو هو ؟ شاعر جي طرفان الينس ۽ الينس جي باشندن متعلق، جن اون دورن ۾ الهي" تقريب ۽ تماشان حصو ورتو، جنهن مڪمل خاموشي" کان ڪم ورتو ويو آهي، سا هن حقيقت کي ممڪن بڻائي ٿي ته اهو گيت اڳري قديم زماني ۾ بڻاوٽ ويو هو، جڏهن ايلوسس اڃا تائين هڪ معمولي ۽ ننڍڙي آزاد رياست هئي، ۽ جڏهن سيٽمبر ميني جي روشن ڏينهن ۽ الهه "رازن" جي شاندار جلوس الهه هيناهين جابلو بازيه جي ساڻي وٽان، جي ايلوسس جي اناج جي هموار پٽن کي الينس جي زياده وسيع ۽ زرخيز جي وڻن سان ڍڪيل ميدان کي هڪ بي کان جدا ڪري ٿيون، اڃا تائين پيشقدمي شروع ڪان ڪئي هئي. بهرحال، اهو ڪٿي ڪٿي ۽ هجي، اهو گيت هي خيال کي اسان تي عيان ڪري ٿو، جو الهن بنهي ڏيهن جي اصليت ۽: فرضن متعلق شاعر جي دل ۾ موجود هو، الهن جون فطرتي بناوٽون ۽ ڏول ڏيل شاعري" جي تصورات جي سنهي پڙدي وچان ڪاڻي ٿيڻ" ساڻ نروار ٿي ويون ٿا. نوعمر ۽ نوجوان پرسيفون، ڪالهه ڪلي ويندي آهي، هڪ ڏينهن جڏهن سرسبز ٻيٽ" ماڻ ڪلاڻ ۽ راڻيل، گوندي ۽ بنفشي، چنبيلي" ۽ نارگس جا گل ٻڌي رهي هئي، تڏهن اوچتو ئي اوچتو زمين ۾ هڪ وڏو قاٽ ٿي ويو، جنهن مان "مٿل جو آقا" پلوٽو، ٻاهر نڪري آيو ۽ ان کي پنهنجي ڪنوار ۽ زير زمين ۽ اولداهي" دنيا جي ملڪه ٿيڻ لاءِ پنهنجي" سواري" گاڏي" ۾ وجهي، ٻاڻ ساڻ گڏ ڪڍي هليو ويو. سندس غمگين ماڻ، ڏاڏيءَ، پنهنجين سونهري زلفن کي ڪاري ماتمي لباس ۾ ونڊهي، ڪيس ار ۽ بحر ۾ ڪوليو ۽ پنهنجي" ڏيءَ" جي انجام جو ٻاڻ سڄ ڪاڻ ٻڌي، هي سخت غصي جي عالم ۾ ديوتائن کان دور، گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ ايلوسس ۾ ليام اختيار ڪيو، جتي هن ٻاڻ کي هڪ اڳري ويڙهي" عورت جي صورت ۾ بادشاه جي ڏاڙهه جي خدمت ۾ ڏيئن ڪيو، يا زرخيز جي ديوتا جي جانور، "ڪنوارين" جي ڪوهه" ۾ رسائي ويئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ جنهن ماڻ ڏوشيزائون ٻنهنجي ٻيءَ جي گهر لاءِ ڪنجهي جي گهاڪوري ۽ ٻالي ٻرڻ لاءِ آڻڻ هيون، ٻنهنجي سانجهي ۽ ڏينهن ۽ اڇي، ان ديوي ۽ زمين ۽ چنڊ ۽ ڏٺو، ۽ آن کي زمين اندر ۽ پوشيده ڪري رکي چڏيو ۽ تمر ڪنهن ۽ جيئن کين ستين ڏيءَ واپس نه ڏني ويندي، ليئن هوءَ ڪڏهن ۽ اولاڻيون* ۽ ٻي الدر نه رکندي،؛ ۽ نه ڪڏهن الاچ کي زمين ماڻ باهر نڪرڻ جي اجازت ڏيندي، ڏڪا ٻين ۽ هرڻ کي اجاير هيڏانهن جو هوڏانهن ڦرائيندا ڪهرائيندا رهيا، آن چنڊڙ ڪڙمي، هرڪا هيل ڪاڪي رنگ جي ٻنهن ۽ جوڙ جوڙ ٻاڪل ٻڪار چنڊڙ رهيا، اسائيل ۽ پڙندڙ مٽيءَ ماڻ ڪا شيءَ نه ٽي ڄاڻي، اٻرندڙ جو ايلوسين جي اريسي خود رهيا وارو ميدان، جو هميشه ازه رنگ جي ڦصل سان جهولندو رهندو هو، ٻاڪل خالي ۽ غير آباد ٻو رهيو. انسانذات جيڪر ٻڪ وڳهي ٻاه ٿي، فنا ٿي وڃي ها ۽ ديوتائن کي انهن اڻپائيءَ تان هٽ ڏوئڻو پوي ها، جيڪڏهن انهيءَ حالت کان گهرائيجي ايوس ديوتا ٻلوٽو کي ٻنهنجي شڪار کي باهر ڪيڻ، ۽ ٻنهنجيءَ ڪنوار، پرسيفون کي سنهن ماڻ ديمتر، کي واپس ڏيڻ جو حڪم نه ڏني ها. "مٿن جو غضبناڪ مالڪ مشڪيو ۽ حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ ٻنهنجيءَ راڻيءَ کي سونهري گاڏيءَ ۾ ويهاري، مٽنءَ هوا ۽ ٻوڪلن کان ٻوشتر، ڪيس ڏاڙهونڊ جو ٻج کائن لاءِ ڏنائين، جنهن ماڻ اها خاطري ٿي ته هوءَ وٽس واپس ويندي. ۽ ايوس ديوتا حڪم صادر فرمايو ته ان کان پوءِ پرسيفون سال جو ۽ ٻاڪي ٽيون حصو ٻنهنجيءَ ماءُ ۽ ديوتائن سان گڏ عالم بالا ۽ گذاري ۽ سال جو ٻالي حصو ٻنهنجي مڙس سان گڏ عالم زيرين ۽ گهاري، جتان کين سال سال اهڙي وقت واپس اچڻو هو، جڏهن هيءَ ڏرتي موسم بهار جي گلن سان مسرور هجي. ڏيءَ ڏاڏيءَ خوشيءَ سان سڄ جي روشنائيءَ ۽ واپس آئي ۽ اوتريءَ

* يولاني ڏلڪڻائن ۽ اهو ميدان، جنهن ۽ سوئي ديوتائون ۽ ديوبون رهنديون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي خوشي ۽ سان سندس ماڻ هن جو استقبال ڪيو ۽ ساڻس ڳلڪڙ ٿي روئي. ٻنهنجي ۽ وڃايل ڏيءَ کي واپس حاصل ڪرڻ جي خوشي ۽ ڏيهٽر الاج کي هر ڪاهيل ٿئي ۽ جي ٽوڙائن وچان ڏني ڪرڻ ۽ هو عريض ۽ وسيع ڏرتي ۽ کي ان ۽ کان جي باز ساڻ ڪوري ٿين ۽ جو حڪم ڏنو. ۽ ان کان او ۽ هو ۽ سڏو ايلوسس جي شهزادن ٽرپولوميس، رومولس، ڊيوڪاس ۽ خود بادشاه سيلئس ڏاڻهن ويٺي ۽ ڪن اهو وٺندڙ انظارو ڏيکارهائين ۽ ان کان علاوه ڪن ٻنهنجن ساڻن ۽ رازن کان پر واقف ڪيائين. شاعر چوي ٿو ته اهو لاني انسان بخشيل آهي، جنهن اهي ڪالهوڪ ڏينهن آمن ۾ اهو، جنهن کي هن زندگيءَ ۾ انهن جو ڪو، خصو نصيب ڪونه ٿيو، سو موت ۾، جڏهن هو قبر جي اونداهيءَ ۽ هيٺ لهندو، ڪڏهن ۽ خوش ڪو، رهندو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏيوتائن اولاڻيل آي ٻن ڏيوتائن ساڻ گڏ خوش گذارڻ لاءَ الان ٽوالين ٿي ويئون ۽ شاعر ٻنهنجي گيت جي آخر ۾ ڏيهٽر ۽ ارشدن کي ارخلوص دعا ڪري ٿو ته اهي سندس گيت جي معاوضي ۾ ڪن روزيءَ جي نعمت بخشين.

هي ۽ حقيقت عام طرح تسليم ڪئي ويئي آهي، ۽ ان ۾ ڪنهن ۽ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪانهي ته انهيءَ شعر لکن ۾ شاعر جو ڪو خاص مقصد ٻنهنجي روورو رکيل هو، سو ايلوسيا جي مذهبي "رازن" جي روايتي بنيادن کي هڻ ڏيوي ۽ جي زباني ياد ڪرڻ جو هو، اهو سڄو ٻڌ اسان کي انتقال جي الهيءَ انظاري ڏانهن ولي وڃي ٿو، جتي ايلوسينيا جو ٻي برگ ميدان اوچتولي اوچتو ڏيوي ۽ جي مرضيءَ مطابق سرخ رنگ واري الاج ساڻ ڀريل هڪ وسيع هموار ميدان ۾ لهڻ ٿي وڃي ٿو، رحمدل ڏيوي ايلوسس جي شهزادن کي اوڏانهن ولي وڃي، ڪن ٻنهنجو ڪارنامون ڏيکاري ٿي ۽ ڪن ٻنهنجا رازدارانه ساڻ سيکاري، ٻنهنجيءَ ڏيءَ ساڻ گڏ جنت ڏانهن غائب ٿي وڃي ٿي. مقدس "رازن" جو اظهار انهيءَ ٻيت جو انتحمنداڻ انجام آهي. انهيءَ ٻنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خاطري ٿيت جي زياده باريڪ جاچ سان ان ڏي ٿي، جنهن سان ثابت ٿي ٿو تہ شاعر، نہ فقط انهن رازن جي بنياد متعلق عڪ عام بيان ڏنو آهي، پر اڪ سان گڏوگڏ هن ڪن خاص سائن سوڻن متعلق، جن لاءِ هن اعتقاد رکن واسطي اسان وٽ ڪافي سڌا سبب موجود آهن، تہ آهي ديوي جي تقريب جا التهائي ضروري ۽ نمايان جز هئا، ٿوري گهٽي پوشيده زبان ۽ ڏاڍ ڪٽائي سمجهائي ۽ ڏني آهي. جن سائن متعلق شاعر اهڙي نموني ۽ معنيل اشارا ڏني ٿو، تہ ديوي جي مذهب ۽ ازسر نو داخلا حاصل ڪرڻ وارن اميدوارن جو ابتدائي روزو، مشعلن جي روشنائي وارو جلوس، سڄي رات جي بيداري، اميدوارن جو نقاب وڌهي، خاموشي سان رڙن جي ڪلن سان ڏکيل استولن تي وهن، ۽ تهذيب زبان جو استعمال ڪرڻ، ايهوده مذاق ڪرڻ ۽ هڪ ٻاڪ ٻرالي سان جنوَن جي ٻاڻي سان هڪ ڏڪ پري، ديوي سان سنجيده نوعيت واري حال - محرمي ڪرڻ وغيره چوڙوں، چند التهائي ضروري ۽ اهميت واريون رسمون شامل آهن.

۽ انهن اسرارن جو اڃا ڪو هو ۽ زياده عميق راز آهي، جنهن کي ٿيت جو مصنف ٻڌائڻ جي بيان جي ڏڪ هيٺان واشگاف ڪندو معلوم ٿي ٿو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ڪيڻ نہ هن، اوليوسينا جي خاڪي رنگ واري غير آباد علاقي کي سونهري رنگ واري اناج سان ڀريل ٻني ۽ منتقل ڪرڻ کان هڪدم پوء، ٽريٽولمس کي اوليوسينا جي ٻن شهزادن کي وڏندڙ ۽ تيار ٻيلن اناج جو فصل ڏيکاري، سندن ديوتا خوش ڪيون. اسين جڏهن آڪاٿي جي هن حصي کي پي صدي جي هڪ عرسائي مصنف، هيولائيٽس، جي بيان سان مشابهت ڏيون ٿا تہ انهن اسرارن جو تلب ٿي انهي مذهب جي پولنگن کي ان جو وڏيل سنگ ڏيکارڻ هو، تڏهن اسين هن باري ۾ ڪو شڪ نہ ٿا ڪري سگهون تہ هن ٿيت جو شاعر انهي سنجيده مائ کان بخوبي واقف هو ۽ ان جي بنياد کي سمجهائڻ لاءِ ڪيس چاڻي واڻي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي طريقو اختيار ڪرلو هو، جنهن سان هو الهن اسرارن جا پردا ساڻ سمجهايا هئا، يعني ڪيس اهو ڏيکارلو هو ته ديمقر پاڻ خود الهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو مثال قائم ڪيو هو. چنانچ، ڏنڊڪتا ان جا ساڻ سون، هڪ پئي جي اهڙيءَ طرح سمجهائي ڏين ٿا ؟ هڪ پئي جي تصديق ڪن ٿا. ستين صدي ليل مسيح واري زماني جو شاعر اسان کي لفظ ڏنڊڪتا پڌائي ٿو— ساڻ سون جو ذڪر هو پاڻ کي گنهگار ٻڌائڻ کان سواءِ ٻ ڪري سگهي ها. عيسائي هادري ساڻ سون جو اظهار ڪري ٿو ؟ ان جو اظهار قديم شاعر جي روشيده اشاري سان بلڪل هوريءَ طرح ٺهڪي اچي ٿو. الهن سڀني ڪالهين جي مد نظر، اسين جديد دور جي ٻن ڪٽن عالمن سان ڪڏ، عيسائي عالم ؟ هادريءَ، اسڪندر، واري ڪليمنٽ، جي ڏانهن پاڻ کي بلڪل خاطريءَ ساڻ تسليم ڪري سگهون ٿا ته ديمقر ؟ پرسيفون جي ڏنڊڪتا کي ايليوسس جي اسرارن ۽ مقدس ڊراما طور ادا ڪيو ويندو هو.

ار، جيڪڏهن الهيءَ ڏنڊڪتا کي قديم يونان جي مذهبي رسمن جو هڪ ؟ شايد مکيه حصو، ڪري ادا ڪيو ويندو هو، ته اوه ، هڪ هيءَ سوال اڃا جواب طلب آهي ته الهيءَ ڏنڊڪتا ڪان پوين دورن جي اضافي مواد لاهڻ کان پوءِ، جنهنجي جوڙاري پوين زمانن ۽ دهشت ؟ اسرار جو نوراني هالو لظر اچي ٿو، ؟ جو روايتي ادب ؟ مصوريءَ جي روشن تاريخ ڪرڻ جي نور سان روشن هو، ان جو اصلي ؟ اندروني ڪيپ، ڇا هو؟ ان باري ۾، جيڪڏهن اسين پنهنجي قديم ترين ادبي اختياريءَ، يعني "ديمقر" جي حضور ۽ "هومر" واري گوت جي مصنف جي ڏانهن اشارن جو مطالعو ڪنداسين، ته اوه اها روايتي پڇن ڪا ڏکي ڪار ٿيندي. پئي ديوتون، ماڻ ؟ ڏيءَ، پاڻ کي الاڄ جي شخصيتن ۽ تحليل ڪن ٿيون. اها حقيقت گهٽ ۽ گهٽ، يعني پرسيفون جي حالت ۽ ڪافي حد تائين يقيني معلوم ٿئي ٿي. اها ديوي، ڇا سال ڇا ٿي، ؟ الهيءَ ڏنڊڪتا جي هڪ ابيءَ روايت مطابق، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهينا زير زمين مڪان سان ۽ سال جو باقي حصو بالائي زمين تي جيئرن سان گڏ گذاري ٿي، جنهن جي شوهر موود کي ۽ جنهن جو بچ زمين ۽ ٻوشيده ٻور رهي ٿو ۽ ٻنهون خالي ۽ غيرآباد رهن ٿيون. جنهن جي موسم بهار ۽ بالائي زمين تي واپسي تي الاج جا سلا ٿي جي ڦوڙائن مان ايري نڪرڻ ٿا ۽ ڏرتي ٻڌ ۽ گل سان ڀرجي وڃي ٿي — اها ديوي يقيناً ٻالات ۽ خاص طور الاج جي ڏاڍ ڪٽائي شخصيت کان سواءِ، ٻيو ڪجهه ٻ ٿي نه سگهي — جا هر سياري جي چند مهينن لاءِ ٿي هيڊن دفن رهي ٿي ۽ هر بهار جي ڦٽندڙ آڪ جي سان ۽ ڦوندڙ گلن ڦلن ۽ ٻڌ جي صورت ۽ جڙ ۾ قبر مان نڪري، دوباره زنده ٿئي ٿي. پرسيفون جي متعلق ٻي ڪا ٻڌ معقول ۽ امڪاني سمجهاڻي ممڪن نظر نه ٿي اچي. ۽ جيڪڏهن ڏي - ديوي هلندڙ سال جي ٻئين الاج جي شخصيت هئي، ته ٻوه چا، ماڻ - ديوي گذريل سال جي ڪهڙ الاج جي شخصيت کان ٿي ٿي سگهي، جنهن نون فصلن کي جنم ڏنو آهي؟ ڊيمٽر جي الهي نظرين جو بدل فقط هي ارض ڪرڻ نظر اچي ٿو ۽ اها ڏرتي جي شخصيت آهي، جنهن جي وسيع سيني مان الاج ۽ ٻيا سڀ ٻوٽا آيرن ٿا ۽ جنهن جون اهي سڀ، ان ڪري، بلڪل سوائن طريقي سان، ڏيئون ٿي سگهن ٿيون. ڊيمٽر جي اصلي نوعيت متعلق اهو نظريو، درحقيقت چند مصنفن ورتو آهي، جن ۽ لڏام ۽ جديد مصنف شامل آهن، ۽ اهو نظريو اڄڪو آهي، جنهن کي معقول نموني سان ثابت رکي سگهجي ٿو. ٻ، معلوم ٿئي ٿو ته، ڊيمٽر جي شان ۽ "هومر" واري گيت جي مصنف ان نظريي کي مسترد ڪري ڇڏيو آهي، جو ته هو، نه فقط ڊيمٽر کي شخصيت ڏنل ڏرتي ڪان ممتاز ڪري ٿو، ٻ هو الهن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان انتهائي سخت مخالفت وارن رخن ۽ رکي ٿو. هو چوي ٿو ته، اها ڏرتي ٿي هئي جنهن، زيوس جي مرضي مطابق ۽ ٻاوٽو کي راضي رکڻ لاءِ، ٻنهنجي مڪان نرگس جا گل ٻوکيا، جن نوجوان ديوي کي لالچائي، کيس مدد ڏيڻ واري مقام کان دور،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرسبز ٿيڻ ڏانهن ڪشش ڪري، سندن برباديءَ ڏانهن وڃڻ. جنانچہ، گيت واري ڏاهپ، ڏرتي ديويءَ سان مشابهت رکندڙ ته ڪجا، هوءَ ته ان ديويءَ کي پنهنجي ٻارڙن دشمن سمجهندي هوندي، چو ته هوءَ پنهنجي ڏيءَ جي گمشدگيءَ کي ان جي مڪارڻ، چالبازن جو نتيجو ئي سمجهندي هوندي. ۽، جيڪڏهن گيت واري ڏاهپ ڏرتيءَ جي شخصيت نه ئي سگهي ٿي، ته ان جي ئي ظاهري صورت هيءَ ئي سگهي ٿي، نه آها الاڇ جي شخصيت جي مظهر هٿي.

الهيءَ نتيجي جي تصديق، يادگار اڏاوتون ڪري رهيون آهن، جو ته قديم هٿرڪيءَ ۽ ڏاهپ ۽ ارسطوءَ کي، الاڇ جي تاج ذريعي، جيڪي سندن مٿن ۽ ايل آهن، ۽ الاڇ جي مان وسلي، جي سندن هٿن ۽ ڏنل آهن، هڪ ئي لموالي سان الاڇ جي ديوتا جي حيثيت ڏني ويئي آهي. ورڻي، آها ڏاهپ ديوي ئي هٿي، جنهن الينس جي ماڻهن تي الاڇ جو راز واشگاف ڪيو ۽ جنهن ڪرٽولامس جي معرفت، الهيءَ فائدامند ايجادن کي دور دور تائين ڦهلايو، جنهن کي هن هڪ گشتي مبلغ جي حيثيت ۽ الهيءَ نعمت کي سڄي انسان نائين پهچائڻ لاءِ باهر موڪليو، هنري يادگارن، خاص طرح گلدستن جي تصويرن ۾، هن کي هر حالت ۾، ڏاڙهيءَ سان گڏ وڏڻ، الهيءَ حيثيت ۽ ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ڪرس هٿن ۽ الاڇ جا سلا ڏيئي، گاڏيءَ ۽ وهاريو ويو آهي، جنهن ۽ ڪڏهن ۾ لڳل ڏيکاريا ويا آهن، ڪڏهن ان کي بلائڻ گهلندڙيون ڏيکاريون ويئون آهن، ۽ جنهن مان، جيڪو ٿو، هن سڄيءَ دنيا مٿان، هوا مان اڏامندي اڏامندي، اڄ ڇڻي ڇڏيو هو. الهيءَ ان ڏاڍا نعمت جي شڪرگذاريءَ طور، اڪثر ٻوالي شهر پنهنجن جوڙن ۽ ڪٽڪ جي انسان جا ٻارمان مٿا الهن ٻڌي ديوان، ڏاهپ ۽ ارسطوءَ جي خدمت ۾، احسانمنديءَ جي اظهار طور، ايلوسس ڏانهن موڪليندا هٿا جتي، هر طرف کان جهجهي مقدار ۾ اينڊز الاڇ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ زير زمين دفنا ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃا هٿا. ٽيوڪرائيٽس ٻڌائي ٿو ته ڪوڙ ٿالي هڪ ٻيٽ ۾، اوڀاري وقت، ڪڙمي ٻڌڻجي لاڀاري جا ٻيرپاڻ سڀا ڊيمٽر جي حضور ۾ آڻيندا هٿا، جنهن سندن ڪاهه واري ميدان کي جَوَن سان پري ڇڏيو هو ۽ جنهن جي ديهاتي مجسمي جا هٿ سنگن ۽ ڏوڏين سان ڀريا پيا هوندا هٿا. ڊيمٽر کي جن خصلتن ۽ لقبن سان قديم دور وارن ماڻهن نوازيو هو، اُن سان اڪثر ٻلڪل صاف طور هن جو اناج سان واسطو ظاهر ڪن ٿا.

قديم يونانين جي دلين ۾ ڊيمٽر ۽ اناج جي ديوي جي حيثيت ۽ اعتقاد، ڪيتري قدر عميق ۽ پختو هو، تنهن جو هن واقعي سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ديوي جي ايلوسس واري قديم آستاني ۾ رهندڙ سندس عيسائي جانشينن جي دلين ۾ ۽ اهو اعتقاد اڏويهن صدي عيسوي جي ابتدا تائين سچ پچ ٻاڻ پهتگي سان قائم رهندو آيو. جڏهن فرنگي سياح، ڊاڊويل وري ٻيهر ايلوسس ڪهن ويو، تڏهن اتان جي باشندن سندس روبرو ڊيمٽر جي هڪ تمام وڏي مجسمي جي گم ٿيڻ تي، جنهن کي ۱۸۰۲ع ۾ ڪليئرڪ ڪڍي وڃي، ڪيمبرج يونيورسٽي کي ڏنو هو، جو اڃا تائين اتي ئي موجود آهي، سخت افسوس جو اظهار ڪيو. ڊاڊويل چوي ٿو ته "ٻڌڻجي يونان جي ٻيرائين سفر وقت، اها محافظ ديوي ٻڌڻجي پوري جوڀن ۾ هئي ۽ ٻڌڻجي سندس جي قتل نشان ۽ ڪاهه واري ميدان جي هن وچ ۾ ٻڌل هئي. ڪواڻ تي هن ڪالهه جو اثر ويڪ هو ته سندن پروز لاڀارا انهي ديوي جي نوازش جا تتجو هٿا ۽ اڪ کي اتان هٿائن کان ٻوه سندن آسودگي، جيڪا انهن سون کي ٻڌين ڏاڙهو، گم ٿي ويئي هئي. جنانچ، اسين اناج جي ديوي، ڊيمٽر کي عيسوي سن جي اڏويهن صدي ۾ ايلوسس جي ڪاهه جي ميدان ۾ ايندي، ٻڌڻجن پوجارن کي امڙي طرح اناج جي خيرات ڏيندي ڏسون ٿا، جهڙي طرح سندس مجسمو ٽيوڪرائيٽس جي زماني ۾ ڪوڙ جي ڪاهه واري ميدان ۾ ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الاج تقسيم ڪندو هو ؟ جڏڪي طرح الوڌڻ صدي ۾ ايلوسس
جي باشندن پنهنجن فصلن جي ڪمي ڪي ڊيمٽر جي مجسمي
جي غالب ٿيڻ سان منسوب ڪيو هو، ساڳي طرح قديم زمانن ۾
سسلي وارن، جي اناج جي انهن ٻنهي ديوي جا پوجاري ۽
آبادڪار هئا، شڪايت ڪئي ته ڪيٽن شهرن جا اصل فقط ان ڪري
ناس ٿي ويا هئا، جو اتان جي باشندن روسي گورنر، ورس، ڊيمٽر
جي مجسمي کي سندس مشهور هينا واري مندر مان کڻي ويو هو،
جا، اسين هن لاءِ ته ڊيمٽر درحقيقت الاج جي ديوي هئي، هن
اعتقادکان، جو جديد دور تائين ۽ يونانين ۽ موجود هو، اڃا ۽
ڪنهن زياده صاف ڏاڪي جي اڻڻا ڪري سگهون ٿا، ته الاج
جي فصلن جو داروبدار سندس موجود گي ؟ رحمت ٿي هو ؟
جڏهن اها جو مجسمو هٽايو ويندو هو، تڏهن اهي سڙي ؟
سگهي، ناس ٿي ويندا هئا؟

هر صورت، جڪڏهن مختلف نظرين کي نظر انداز ڪندي،
اسون ايلوسس جي رسمن متعلق خود قديم دور جي مالهن جي
شهادت تي ٿي پروسو رکون، ته هوءَ امڪان آهي ته اسان کي
شايد قديم دور جي سڀني ماهر عالمن کان زياده مشهور عالم،
روسي وئرو سان متفق ٿيڻو پوي جنهن، سندس راءِ متعلق آگسٽين
جي رپورٽ جي حوالہ مطابق، "ايلوسينا جي سڀني اسرارن کي
الهي الاج سان واسطو ڪيو هو، جو سيرس (ڊيمٽر) ڪولي لڏو
هو، ۽ الهي پروسرپائن (پرسيفون) سان، جنهن کي پلوٽو وٺائس
پڄائي ڪڍي ويو هو، خود پروسرپائن جو مطلب، پجن جي آباد
ٿيڻ جي طالت آهي، جنهن جي ڪنهن زمانی ۾ ناڪاميابي ڏرائي
کي ٻنهنجي غير آبادي تي مائل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو ؟
ان ڪري هي راءِ قائم ڪيو ويو هو ته سيرس جي ڌي، يعني
خود آبادي، کي پلوٽو اغوا ڪري، زبردستي زير زمين بند ڪري
رکيو هو، ؟ جڏهن قحط ۽ نقدان لاءِ علي الاعلان ماتم ڪيو
ويو ؟ آبادي هڪ دفعو ٻيهر ساڪ ۾ واپس آئي، تڏهن پروسرپائن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موڪي اڇي ٿي هر طرف خوشي" جي لهر ڊوڙي وئي ۽ اهڙي" طرح سنجيده، توجيت واري رسمن جو بنياد وڌو ويو. اڳ ڪان ٻوه، آگسٽين وٽرو جو حوالو ڏيندي اڪثر چوي ٿو ته "سندس اسرار ۽ ڪيئي ڪالهيون اهڙيون سيڪارون ويٺون، جن جا سواءَ الاڄ جي ايجاد ڪان، ٻي" ڪنهن ۽ ڪاله، سان واسطو ئڪول هو."

هي وڏو تاڻيو مون زياده تر ڊينيئر ۽ ورسيفون ڊوي" ۽— ماڻ ۽ ڏي" جي درميان طبعيت جي هڪجهڙائي تسليم ڪئي آهي جي ڪڏهن ڪڏهن سال جي پڄ واري الاڄ ۽ هلندڙ سال جي پڪل آن" جي سنگم جي شخصيتن جون مظهر آهن ۽ ماڻ ۽ ڏي" جي الهي" بنيادي اتحاد متعلق نظرين جي ٻولائي هنر لطيف جي تصويرن سان، جي ايترندر هڪجهڙائون آهن، جو الهن کي هڪ ٻئي ڪان ممڻ ڪرڻ ناممڪن آهي، تصديق ٿي رهي آهي. ڊينيئر ۽ ورسيفون جي مجسمن جي درميان اهڙي قريبي مشابهت ڏسڻ الهي" نظرين جي خلاف بغاوت ڪري ٿي ته اهي ٻئي ڏاهرن ۽ اهڙن مختلف ۽ اهڙي" آسائي" سان تاريخ شناخت شين، جهڙوڪ ڏرتي ۽ سڀڻي، جا ان جي مٿان جمي ٿي، تن جون ڏاڏڪتائي شخصيتون آهن. ڊينيئر ۽ ورسيفون جي متعلق، جڪڏهن ٻولائي فنڪار الهي" نظرين کي تسليم ڪن ها، ته آهي ڏسڻ الهن جا نمونا لاهيو ها، جي ڏيکاري درميان واري فرق کي آسائي" سان ظاهر ڪري سگهن ها. ۽ جڪڏهن ڊينيئر ڏرتي" جي شخصيت جي مظهر ته هڻي، ته جا، هن باري ۽ ڪو معقول شڪ ٿي سگهي ٿو ته، ڏيکاري" ڏي" واڪر، هو" الاڄ جي شخصيت جي مظهر هڻي، جنهن کي "هومر" جي زماني ڪان وٺي، اهڙي عام طرح، هن جي تالي سان سڏيو ويندو هو؟ ماڻ ۽ ڏي" جي درميان جيڪا بنيادي هڪجهڙائي آهي تنهنجو ڏسڻ، ته فقط الهن جي مجسمن جي ظاهري مشابهت سان، ۽ الهن جي "آهي ۽ ڏيکارون" واري سرڪاري لقب سان ۽ ٻوي ٿو، جو ايلوسس واري آستائي ۽ سندن تالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان باقاعده طور، سندن انفرادي خصلتن ۽ لقبن کي ظاهر ظهور ۾ آڻڻ کان سواءِ، استعمال ڪيو ويندو هو، جن ۾ سندن جداگانه انفراديت، هڪ ئي ديوتائي ماده ۽ ذري ڪيت تحليل ٿي وڃي هئي.

انهن سڀني شهادتن تي نظر رکندي، اسين هن نتيجي اخذ ڪرڻ لاءِ بخوبي حق بجانب آهيون ته هڪ رواجي يوناني باشندي جي دل ۽ اهي ٻئي ديوتائن بنيادي طور الاڳ جون شخصيتون هيون، ۽ سندن مذهب جو سڄو ماحصل جي الهيءَ جرئوءَ ۽ پوشيده طور سنڀالي ملي ٿي. ۽ ان ڳالهه کي اسليم ڪرڻ جو مطلب هي حقيقت کان انڪار ڪرڻ ناهي ته طويل اوڏڪا جي دوران ۽ هن سادي سواد ۾ اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني نظرين جو ٻوٽو لڳايو ويو ۽ ان کي اهو جوڙڻ ۽ ڪٽڻ جي پوءِ ڪان زياده خوبصورت ڪلن جي صورت ۽ پيروي ڪئي ٻوءِ. اهڙيءَ ريت جو متعلق هن خيال، ته اهو زمين ۽ دفن ٿي هڪ ٽئين ۽ زياده اوچي زندگي حاصل ڪندو، هڪدم انساني تقدير سان مشابهت جو خيال پيدا ڪيو، ۽ الهيءَ هن اميد کي تقويت بخشي ته انسان لاءِ ۽ سندس قبر، هڪ زياده روشن ۽ نامعلوم دنيا ۽ زياده آرائيده ۽ بهتر زندگيءَ جو آغاز ٿي سگهي ٿي. اهو سادو ۽ فطرتي خيال ايليوسس جي الاڻ جي ديوتيءَ جي موت جي اسرار ۽ مسرت ڀريءَ ابدي زندگيءَ سان وابستگيءَ کي سمجهائڻ لاءِ بلڪل ڪافي معلوم ٿئي ٿو. جو ڏي، هيءَ جو قديم زماني جا ماڻهو ايليوسينيا جي اسرارن جي اندروني ۽ خفيه جاءِ کي جنت جي دروازي جي ڪنجي سمجهندا هئا، سا ڳالهه انهن حوالن سان ثابت ٿيندي معلوم ٿئي ٿي، جڏهن انهن جا اعليٰ ٿماليٰ وارا مصنف اسرارن جي اهڙن جاڙو ماڻهن لاءِ هن کان بعد ابدي زندگيءَ ۽ خوشيءَ جي متعلق ڏيندا رهيا آهن. ان ۽ ڪوبه شڪ ڪوبه، ته جنهن منطقي بنياد تي اهڙن اعليٰ اسدون انهن ڪوڙ ويڙون هيون، تنهن جي ڪمزوريءَ کي ڄاڻن اسان لاءِ بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان آهي. ۽ جيئن ئي ڇڏندڙ ماڻهو ڪنن ۾ ڪي ۽ سهاڳي لاءِ ڪوٺيندا آهن، تيئن اسان ڪي ۽ هن باري ۾ ڪو تعجب نه ڪرڻ ڪوي ته خود اسان والڪر ٻولائين ٿا، جن جي دلين ۾ موت جو خوف ۽ هن دنيا جي زندگيءَ جي محبت جو جذبو ڪاوڙما هوء، انهن دلين جي ٽڪ اور ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ ۽ صبر سان کو خيال ئي ڪوله ڪيو هجي، جي ماڻهوءَ جي ابدي زندگيءَ جي امڪان هڻڻ جي حق ۾، ۽ ان جي خلاف ٻڌل ڪا وياڪ اها دليلبازي، جنهن سيٽ پال کي مطمئن ڪيو هو، ۽ جنهن هزارين نامعلوم ۽ مغموم عيسائين کي ستڻ تي موت الموگ عزيزن جي هٽرن پرسان يا انهنجن ٻارڻ جي ڪليل قبرن مٿان ٻڌي، سڪون ۽ راحت ٻوڃائي آهي، سا قديم زماني جي بت پرستن کي ۽ اهڙي وات مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي، جڏهن اهي ان غم ۽ الر جي ٻوجي ڪان گردن لوڙيو ٻڌا هوندا هئا ۽ زندگيءَ جي شعاع کي شمعدان ۾ جڪو ٻرندو ڏسي، اهي ۽ ڪنهن نامعلوم مستقبل جي اولاديءَ ۽ اڳتي ڏسندا هئا. ان ڪري، اسين ڊيمٽر ۽ پرسيفون جي ڏند ڪٿا جي، — جا اهڙين ٿورين ڏند ڪٿائن مان هڪ آهي، جن ۾ يوناني ذات جي روشنائيءَ ۽ صفائيءَ مٿان موت جو ساءِ ۽ اسرار اڃي ڪري ٿو — کا ايندڙ ٻ ٿا ڪريون، جڏهن اسين ان جي اصليت جو سراغ قطرت جي سيني کان زياده جاتل سڃاتل، حالانڪ هميشه لاءِ اڻ الداز ڏيندڙ رخن، موسم خزان جي غمناڪ اولاديءَ ۽ ٻڌا ۽ موسم بهار جي تازگيءَ، روشنائيءَ ۽ ساوڪ ۽ ڪوليو ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجيتاليهون

شمالي يورپ ۾ آن - ماڻهو آن - ڪنواري

مٿيان واردات هيءَ دليل پيش ڪيو آهي تہ ديوتر جي ٻالي جو اڳرون حصو ڪريت ٻٽ جي برليءَ جي لفظ "ديائي" مان اڪثر آهي، جنهن جي معني "جو" آهي ۽ ان ڪري ديوتر جي معني سواءِ "جوڻ جي ماڻهو" يا آن جي ماڻهو" کان علاوه، ٻي ڪا نہ ڪالهي، ڇو تہ الهيءَ لفظ جي اشتقاق کي آريا، اورم جي مختلف شاخن مختلف لهجن جي آنيءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي. جيئن تہ ڪريٽ جو ٻٽ ديوتر- اوجا جي قديم ترين مرڪزن مان هڪ هو، ان ڪري هن ۽ ڪوءِ تعجب ڪونہ ٿيندو، جڏهن الهيءَ ٻالي جو بنياد ڪريٽي برليءَ جو هجي. ۽ ان لفظ جي بنياد متعلق سنگين اعتراض آهن، جنهن ڪري بهتر ٿيندو تہ ان تي ڪو خاص زور نہ ڏيو وڃي. اهو ڪٿي ڪيئن نہ هجي، ديوتر ڪي آن جي ماڻهو سان شناخت ڪرڻ لاءِ اسان ڪي الڳ سوچ دستياب ٿيا آهن. آن جي جن ٻن لهجن، يعني جوڻ ۽ ڪنڪ سان اڪثر ٻولائي مذهب ۽ واسطو ڪيو ويو آهي، تن مان جوڻ ڪي ان جي اصلوڪي عنصر هئڻ جي شايد بهتر دعويٰ حاصل آهي. ڇو تہ انهن معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ان نہ فقط هومر واري زمانيءَ کان ولي ٻولائيءَ جي مستقل غذا رهندو آيو آهي، ۽ ان سان گڏ هن اعتقاد رکڻ لاءِ چند وجوهات موجود آهن تہ آريا نسل وارين اوڀر قديم دور ۾ جڪي اڀرندن اڪ ٻوڪيا هئا، تن مان هيءَ آنءَ، جيڪڏهن التهائي قديم نہ، تہ ۽ انهن مان هڪ ضرور هو. قديم زمانيءَ جي هندن ۾ ٻولائين جي مذهبي رسمن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ۽ جنهن جو استعمال، ٻڌائڻ هن کالهه جي حق ۽ هڪ زبردست دليل فراهم ڪري ٿو ته الهيءَ تسر جي آن جي اوک لاءِ اڃا دور کان وٺي ايندي آئي آهي. هيءَ حقيقت ۽ معلوم آهي ته "ٻٽر واري زمانيءَ" ۽ ڏينهن جي ڪنارن تي رهندڙ ٻوڙاپ ۾ مبتلا ماڻهو ڪندا هئا.

اڄ ٻولڻ جي "آن-ماڻ" يا "جنهن-ماڻ" سان مشابهت رکندڙ ايڪ کالهوڻي ٻوليءَ- مشنهاريت جديد يورپ جي لوڪ-آکاڻين سان جمع ڪيون آهن. انهن سان هيٺيون مشڪ ازخروارين طور ڪم اچي سگهن ٿيون.

جرمنيءَ ۽ مڪانيءَ ڪي عام طرح "آن-ماڻ" جي شخصيت بخشي ويندي آهي. چنانچه، موسم اهار ۽ ڇڏهن مڪانيءَ جو آن هوا ۽ لڏندو آهي، تڏهن اتان جا ڪولڻا چولدا آهن، "آن-ماڻ ٻڌي اچي"، يا "آن-ماڻ ٻنيءَ سان ڏوڙون ٻڌي ٻالي"، يا آن-ماڻ ٻنيءَ سان ٻڌي لنگهي". جڏهن ٻارن ڪي ٻڌن ۽ وڃي آن جي ٻولن ڪان يا سرخ ڏوڙن ٻڌن جي خواهش ايندي آهي، تڏهن ڪين انين ڪرڻ کان تنبيهه ڪئي ويندي آهي، جو ته آن-ماڻ ٻنيءَ ۽ وٺي هوندي آهي ۽ اها ڪين پڪڙيندي. يا وري ڪنهن فصل جي جنس مطابق "رائي-ماڻ" يا "ٻٽر-ماڻ" ڪوڏو ويندو آهي ۽ ٻارن کي "رائي-ماڻ" يا "ٻٽر-ماڻ" جي ڏمڪين سان رائيءَ يا ٻٽرن جي ٻنيءَ ۽ رکڻ کان منع ڪئي ويندي آهي. وري هيءَ ۽ اعتقاد رکيو ويندو آهي ته آن-ماڻ فصل کي وڌائيندي آهي. چنانچه، سنجيرگ جي اسڪردائيءَ ۽ ڇڏهن ڇڏهن جيو ويندو آهي ته هيءَ سال ڏنڪس لاءِ ٻٽر ٻيندو، جو ڏنڪس-ماڻ کي ڏڪر ويو آهي". ستائڻ جي ڪوٽ ۽ جيو ويندو آهي ته آن-ماڻ کي، وڏيل ان جي ٻولنيءَ مٽ سان ڏيل ڪڏيءَ جي صورت ۽ اڇن ڪپڙن سان اڌ رات جو ٻنيءَ ۽ ڏسي سگهجي ٿو، جنهن کي هوءَ ان سان لنگهندي آباد ڪندي ويندي آهي، يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڪڏهن هوءَ ڪڙمي ۽ سان لاڳاپو هوندي آهي، تہ فصل کي سڪائي ۽ ساڙي هلي ويندي آهي.

ان کان سواءِ آن- ماڻ لاڳاري جي رسمن ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. عام طرح اهو اعتقاد آهي تہ هوءَ آن جي الهي مٽ ۾ موجود رهندي آهي، جا لاڳاري لاءِ ڪاوڙ ٿيءَ ۽ بيمار ڇڏي ويندي آهي، ۽ الهيءَ ٻوٽن مٽ جي وڍ سان ان کي ڪاوڙ، هڪالو يا قتل ڪيو ويندو آهي. الهي ماڻ ٻهريءَ مٽ کي خوشيءَ سان گهر ٽيون ويندو آهي ۽ هڪ ديوتائي هستيءَ جيان سندس عزت ڪئي ويندي آهي. ان کي ديري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ گاهه ڪرڻ وقت آنَ جو روح وري ظاهر ٿيندو آهي. هنوور جي هيڊلن ضلعي ۾ لاڳاري وارا الهيءَ ٻوٽنءَ مٽ جي چوڌاري ٻڌي، آن- ماڻ کي ان هڪالي ڪرڻ لاءِ، لڻ سان ڪٽيندا آهن. اهي هڪ ٻئي کي مڊ ڪري چوندا آهن، "او، اها تي! ماريئس! خبردار ٿجانءِ. مٿان ڪڙي وڃجئي!" اها بارڪٽ ٽيسن هلندي آهي، جيسين سڄو آن لڪري اچندو آهي، ان کان پوءِ ڪير به ڪيو ويندو آهي تہ ان- ماڻ لڪري ويئي آهي. ڊنمارڪ ۾ جڪو شخص ان جا ٻوٽا سنگ ڏيندو آهي، سو انهن کي هڪ ڪڏي جي صورت ۾ ٺاهيندو آهي، جنهن کي "ان- ماڻ" يا "ٻوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي ۽ ان کي سيني کان ٻوٽنءَ ڪاڏيءَ ۾ گهر آڻيو ويندو آهي. هولسٽين جي ڪجه علائقن ۾ ٻوٽين مٽ کي زالون لباس پهرايو ويندو آهي ۽ ڪيس "ان- ماڻ" سڏيو ويندو آهي ۽ ايتري ان جي مٿان ٻانهي هاري، ڪيس تربتر ڪيو ويندو آهي. ٻانهيءَ سان تربتر ڪرڻ، بنان ڪنهن شڪ و شبهي جي سنهن وسائن جو منتر آهي. استائيريا جي ارڪ ضلعي ۾، اناج جي ٻوٽنءَ مٽ کي، جنهن کي "ان- ماڻ" چيو ويندو آهي، ڪوٽ جي سيني کان زياده ٻوڙهي شادي شده عورت، جنهن جي عمر پنجاهه کان پنجواڃاه سال هوندي آهي، زالن ڪپڙن ۾ ملبوس ڪندي آهي. سيني کان زياده سنها سنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻ سان ٻڌيا ويندا آهن ؟ منجهائن هڪ هار ناهيو ويندو آهي، جنهن کي گلن سان وکوڙي، ڪوٺ جي سڀني کان زياده خوبصورت ڇوڪريءَ، اڻڄاڻ مڙس ٿي رکي ڪڙمي" يا زميندار وٽ ڪٽي ايندي آهي ؟ "ان - ماڻ" کي داري ۽ رکيو ويندو آهي ته اها ڪوئڻ کي اتان ڇالي ڪڍي. ساڪي ٿي ضلعي جي ٻه ڪولن ۽ "ان - ماڻ" کي لاباري جي آخري وقت آي ۽ ڇوڪرا لڪڙي جي چولي" ٿي جاڙهي ڪٽي هلندا آهن. هو الهي" ڇوڪري" جي ٻيان هلندا آهن، جا هار پائي زميندار جي گهر ويندي آهي ؟ جتهن دوراڻ ۽ زميندار هار ولي اڻڄاڻ ڪري ۽ انڪاڻيندو آهي، تنهن وچ ۽ "ان - ماڻ" کي ڪائين جي ڏيو مٿان رکيو ويندو آهي، جتي اها لاباري جي دعوت ؟ ان جو مرڪز رهندي آهي. ان کان اڳ ڪيس داري ۽ انڪاڻيو ويندو آهي، جتي اها آڻيءَ رهندي آهي، جيئن ڪاهڪ ڪاهڪ اوڙو ڏئي. ڪاهڪ وات جيڪو مالهو سڀني کان آخرين ڏڪ هڻندو آهي، تنهن کي "ان - ماڻ" جو ٻٽ سڏيو ويندو آهي. ڪيس "ان - ماڻ" سان ٻڌو ويندو آهي ؟ اڳ ڪيس ماريندي ماريندي ڪوٺ ۽ ڦيرايو ويندو آهي. هار کي اڻڌڙ آرتوار ڏنهن ديول ۽ ايش ڪيو ويندو آهي ؟ اسٽر جي شام جو ستن مالن جي هڪ لنڊڙي ڇوڪري ان منجهان دالهه کي ٻاهر ڪيلندي آهي ؟ ڏئن آڻ ۽ جتي ڇڏيندي آهي. تالاب کي، الهي" هار جا ڪڪ ؟ ان ڏورن جي ڪولن ۽ رکيا ويندا آهن، ته جهن ڇوڪريو سال وڏي ؟ ويجهي. هن حالت ۽ "ان - ماڻ" جي آبادي" جي ٿوت کي. آن جي جسم مان (ڇو ته هار "ان-ماڻ" مان ناهيو ويندو آهي) اڪٽل ڀڄ کي ڏئن الاڄ ۽ ملائي، ميان ڪيو وڃي ٿو ؟ ڇوڪري مال مٿان آن جي اثر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪڪڻ کي ڪولر ۽ رکيو وڃي ٿو. سڏو اسل وارين قومن ۽ ۱، مختلف فصلن مطابق، ويڙهل آن جي اولاد" مٽ کي *"اولس - ماڻ"، "جَوَن - ماڻ"، "رائي" - ماڻ"،

* هيءُ ڏڪ تسم جو الاڄ آهي، جو جون سان مشابهت رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪڪ - ماڻ" يا "مٽر - ماڻ" ڪوٺيو ويندو آهي. ان کي هڪ چوڪري جي مٿي تي رکيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان کي سوسر ۽ هار تائين محفوظ رکيو ويندو آهي. هن حالت ۾ ان "آن - ماڻ" جي آبادي جي قوت کي عيان ڪيو وڃي ٿو. اراس ۾، آڪسيئر جي اسڪدالي ۾ پوئين وڏيل مٽ کي "ڪڪ جي ماڻ"، "جون جي ماڻ"، "رالي جي ماڻ" يا "اونس جي ماڻ" سڏيو ويندو آهي. ڪڙمي ان کي ليسيسٽر شائر جي اندر ويل چڙي ڏيندا آهن، جيستائين اڄ ساڻ ڀرسان گڏجي منجهائن سيني کان آخرين، گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي. ان کان پوءِ منجهائس هڪ گڏو لاهي، کيس ڪڙمي جا ڪپڙا پرائي، مٿي تي هڪ ٻاڦ يا اڇو رومال ٻڌو ويندو آهي. الهي منزل تي اڇي، گڏي جي سيني ۽ روڻ جي هڪ ٽاري اوڪي ويندي آهي، ۽ هيٺ ان کي "سورس" جي ٽالي ساڻ سڏيو ويندو آهي. شام جو اڄ وات، "سورس" کي ڪچ ميدان ۾ رکيو ويندو آهي ۽ جنهن لاءِ ڪندڙ ڪڙمي سيني کان زياده تيزي ساڻ لاءِ لڙيو هوندو آهي، تنهن کي ڪوٺ جي سيني کان زياده خوبصورت چوڪري ساڻ ان جي چوڌاري اڄ ڪرڻ ڏنو ويندو آهي. سيني چوڪرين، جن ساڻ هڪ جي ڪچي ۽ هار ٻڌل هوندو آهي، گڏي کي آگهاڙو ڪري، چئي ۽ ڪوهي، کيس الهڻ کان ساڻ گڏ، جن ساڻ اهو سينگاريل هوندو آهي، راهه جي ڏاڪڻ ڌڪندڙن آهن. پوءِ اها چوڪري، جنهن ڏن سيني کان اڳ لاءِ لڙي ورو ڪيو هوندو، سا ان ڏاڪڻ کي راهه ڏيندي آهي ۽ ان وقت سيني دعا ڪندا آهن ته شل "سورس" ڪڻ ڀرپور ۽ سڪيو ستاءِ سال بخشي. هن حالت ۾، جڏهن سينهاريٽ چوي ٿو، "رالي رسم جڏهن جو ٽڏن رهندي آئي آهي، ٻالي "سورس" ٽالو ذرا هڪ اسڪول ماسٽر جي تعليم آهي. ان ارڙني ۽ آن جي پوئين وڏيل مٽ کي هميشه مالهوءَ جي صورت ۾ ڏاهو ويندو آهي، ۽ جڪڏهن ڪڙمي شادي شده هوندو آهي، ته پوءِ ان کي ٻئو ڏاهو ويندو آهي ۽ هڪ وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏي جي بيٺ ۾ هڪ ننڍو گڏو رکيو ويندو آهي، جو اڄ ماڻ ڏاهپ ويندو آهي. انهيءَ کي "ماڻ" سڏيو ويندو آهي. اهو گڏو ڪڙميءَ جي زال کي ڏاڏو ويندو آهي، جا ڪيس کولينديءَ آهي ۽ ان جي عوضي طور، هوءَ شراب جي هڪ جام جيترا پيسا ڏينديءَ آهي. ڪڏهن ڪڏهن پوڻن ۾ مٽ کي "آڻ-ساڻ" ۽ ۽ "لاباري-ساڻ" يا "وڏي-امان" سڏيو ويندو آهي. هنئور جي اوستاد کي صوابي ۽ ان کي "لاباري-ساڻ" سڏيو ويندو آهي، ڪيس عورت جي صورت ڏيڻ ويندي آهي ۽ ايءَ لاباري لاهڻ واري ڪيس سان ڪٽي، اڇندا ڪڏندا آهي. وستنقالها جي ڪن حصن ۾ راڻيءَ جي لاباري وقت پوڻن ۾ مٽ کي خاص طور ڪري ڪرڻ لاءِ ان ۾ پٿر ٻڌا ويندا آهن. ان کي سيني کان پوڻن گاڏي تي گهر ڪٽي اينديا آهن ۽ پوءِ ڪيس "وڏي-امان" سڏيندا آهن، حالانڪ، ڪيس خاص صورت ۾ ڪو ڏاهپ ويندو آهي. ارارٽ ضلعي ۾ هڪ تمام ڪري مٽ کي، جا هروپرو آخرين ڪالڙ هوندي آهي، "وڏي-امان" ڪوئيو ويندو آهي ۽ ڪيس سيني کان آخرين گاڏي ۾ وڃي ڏيري ڏاڻهن پوڃاپو ويندو آهي، جتي ڪيس هيٺ لاهڻ ۾ سيني ڇڻا هٽ ڏينديا آهن ۽ خوب چرچا ۽ مسخريون ڪنديا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن وري پوڻن مٽ کي "ڏاڏي-امان" ڪوئيو ويندو آهي، ۽ ڪيس گلن، ريبن ۽ زالاڻ ڪوڙن سان سينگاريو ويندو آهي. اوپر ارشيا ۽، راڻي يا ڪنڪ جي لاباري وقت، لاباري لٽيندڙ انهيءَ عورت کي، جيڪا پوڻن مٽ ٻڌندي آهي، چولندا آهن، "ترن پوڙهيءَ" ڏاڏي-امان کي پڪڙي رهي آهن." منجهرڪ جي ٻڪرداڻيءَ ۽ مرد ۽ زالون ٻڌڪر هڪ ٻئي سان شرط ٻڌنديا آهن ته ڏسون ته سيني کان پوڻن مٽ، جنهن کي "امان-ڏاڏي" سڏيو ويندو آهي، ڪير ٿو حاصل ڪري، جيڪو مرد يا جيڪا عورت پوڻن مٽ وڏڻ ۾ ڪامياب ٿيندي آهي، ڏاڻهن کي اينڙ سال شادي ڪرائي ويندي آهي، ۽ ان جي زال يا ان جو مڙس پوڙهي يا پوڙهو هوندو آهي. جيڪڏهن امان مٽ کا چوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪندي، ۽ ڪيس هڪ ڪاڙو ۽ڙ مڙس ڏيو ويندو، ۽ جڪڏهن اها ڪنهن مرد کي هٿ لڳندي ۽ ڪيس ڪنهن ۽ ڪنهن ڪاڙي" کوڪ سان شادي ڪرائي ويندي. سليشيا ۽ "ڏاڏي - امان" — هڪ وڏو بندل، جو ڪ يا ڇٽ ٿيڻ سان اهو سانهو ناهيندو آهي، جنهن آن" جي اوڻين مٽ وڏي هوندي آهي — کي اڪثر زماني ۽ هڪ اي دولي النالي مجسمي جي صورت ۽ ناهيو ويندو هو. بلغاست جي بسکردائي" ۽ اولين" مٽ کي ڪڏهن ڪڏهن "ڪرائي" (امان - ڏاڏي") جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ان کي دستوري صورت ۽ ڪوڻ ويهو ويندو آهي، ۽ سيڻي لاءِ و ڏيندڙ ان کي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ ٻنهنجا ڏانڪا اڇلائيندا آهن. ان کي چوٽي" جي صورت ۽ وڪوڙيو ويندو آهي ۽ موسم خزاں (ايندڙ؟) تائين رکيو ويندو آهي. جڪو ۽ ان کي حاصل ڪندو آهي، سو انهي" سال جي دوران ۽ شادي ڪندو آهي.

ڪهڙو ڪري اناج جي اوڻين" وڏن مٽ کي "اوڙهي عورت" يا "اوڙهو مرد" سڏيو ويندو آهي، جيتي" ۽ ان کي ڪهڙو ڪري عورت جي صورت ۽ ناهيو، ۽ زنانن ڪپڙن ۽ ملبوس ڪيو ويندو آهي ۽ جڪو سانهو ان کي وڌيندو يا ڏيندو آهي، انهن لاءِ جو ويندو آهي ته انهي" "اوڙهي" عورت کي ڪڙيو آهي". سوايا ۽ اٽلانٽڪ ونڊ، جڏهن ڪنهن ۽ ٻني" جو سڄو آن"، ڦٽ هڪ ٻني" کان سواءِ، ويهو ويندو آهي، تڏهن سيڻي لاءِ و ڏيندڙ انهي" ٻني" اڪيلائي اظار ڪري ويندا آهن ۽ انهي سان هڪ ميزي" سان وڏن شروع ڪندو آهي ۽ جڪو ۽ سيڻي کان آخرين وڍ ڪندو آهي، انهن لاءِ جو ويندو آهي ته "اوڙهي عورت ونس آهي". جڏهن وڏن ان کي ڏاڙ جي صورت ۽ ناهي رکندا آهن، تڏهن جنهن شخص کي "اوڙهي عورت" هٿ چڙهي هوندي آهي، جا سيڻي اوڙهين کان زياده وڏي ۽ ڪري ۽ ڪري هوندي آهي، تنهن لي ٻا سيڻي ٽاوليون ڪري، ڪيس وڏي واڪي چوندا آهن، "ازهي، هن وٽ لي اوڙهي عورت آهي ۽ اها ونس ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن گهرجي". جيڪا عورت سيني کان هيٺين وڌيڪ لٽڪندي آهي، انهن کي ڪڏهن ڪڏهن "هوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي ۽ هي" ٻ جيو ويندو آهي ته ان جي شادي ايندڙ سال اندر ٿيندي. اولاد ارشيا جي ٻوسٽاس علاقي ۾ هوڻين وڌهوڻي" — جنهن کي جٽڪيت، ٽوالو، ۽ راڻون پاڙيون ويندون آهن — ۽ الهي" عورت کي، جيڪا الهي" کي پڏندي آهي، انهن کي "هوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي. انهي کي ڪڏهي سيني کان هيٺين گاڏي تي گهر آندو ويندو آهي ۽ مثالن ۾ اچلاڻ، کين ترتير ڪيو ويندو آهي. اتر جرمني" جي مختلف علاقن ۾، لاباري وقت سيني کان هوڻين" وڏيل وڌهوڻي" کي الماني مجسمي جي صورت ۾ ٺاهي، کين "هير مرد" سڏيو ويندو آهي، ۽ جنهن عورت اها وڌهوڻي پڏي هوندي آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته "وٽس ٿي هير مرد آهي".

مغربي ارشيا ۾، جڏهن راڻي" جي آخري داڻي کي ڏاندري" سان وڌهي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويندو آهي، تڏهن عورتون ۽ چوڪريون ڪم ۽ ڪار ڇڏي عجلت ڪندڙون آهن، جو ته انهن مان هڪ، اهو ته چاهيندي آهي ته اها ڪم ۾ سيني کان هيٺ رهجي وڃي ۽ "وڙهو ماڻهو"، جو آخرين سٽي" مان ماڻهو" جي صورت جو مجسمو ٺاهيو ويندو آهي، ۽ جنهن کي سڀ کان آخرين ڪٽيندڙ کي بڌن لاباري ڪندڙ جي زور تي ٽوڙو هوندو آهي، سندس از ٻڌي وڃي. سليشيا ۾، آخرين سٽي" کي "هير مرد" يا "وڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي ۽ آها هر ڪن و ناڪس جي ٺلوي" جو موضوع هوندي آهي ۽ ان کي غير معمولي طور وڏو ٺاهيو ۽ ٻڌ سان وڻدار ڪيو ويندو آهي. ويندڙ ٻيلي وارن ۾ الهي" مرد يا عورت ٺاهي، جيڪا ڪٽڪ جي لاباري وقت هوڻين سٽي پڏندي آهي، جيو ويندو آهي ته "هير مرد" ان وقت آهي. ڪٽڪ جي سنگن ۽ ٻوٽي، مان ماڻهو" جي شڪل و صورت وارو هڪ گڏو ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي ڪڻ سان سينگاريو ويندو آهي. جنهن ماڻهو" هوڻين سٽي پڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي آهي، تنهن کي ٿي "ور مرد" کي گهر ڪٿي وڃڻو پوندو آهي ۽ بالي ٻيا اڃ مٽائن ڪلندا ۽ ٽئوليون ڪندا آهن. الهيءَ ڪڏي کي زميندار گهر ۾ لڪايو ويندو آهي، جتي اهو تيسين رهندو آهي، جيسين اٽڪڙ سال ٿئون "ور مرد" ناهيو وڃي.

الهه رسمن مان ڪن ۾، جيڪي مٿنهارڻ جو آهي، الهيءَ مالهوءَ کي، جنهن کي اولين سٽيءَ جڙي ساڪي نالي (ور مرد يا ووڙهي زال) سان سڏيو ويندو آهي ۽ جو اڃ جي ڀرسان آخرين ڪاڏي تي ويندو آهي، ظاهري طور الهيءَ سان شناخت ڪيو ويندو آهي، هو يا هوءَ اناج جي روح جي نمائندگي ڪندي آهي، جنهن کي آڻ جي اولين سٽيءَ ۽ ڪاڻايو ويو هوندو آهي، ان لفظ ۾ ڪٽي ڇڏڻ ۽ اناج جي روح جي ٻڌي نمائندگي، هڪ مالهوءَ ۽ ان سٽيءَ ذريعي، ڪٽي ويندي آهي. مالهوءَ جي الهيءَ آخرين سٽيءَ سان شناخت ڪئي، الهيءَ مالهوءَ کي، جڏهن الهيءَ آخرين سٽيءَ کي ويندو يا ٻڌندو آهي، ان ۾ وڌيڪ جي رسم ذريعي، اڃا ۽ زياده صاف ۽ عيان ڪيو وڃي ٿو. چنانچه، ملڪيا ۽ هر مصدوقت وٽ الهيءَ عورت کي، جڏهن آخرين سٽي ٻڌندي هئي، الهيءَ سٽيءَ جي وچ ۾ ٻڌڻ جي هڪ بالاعده رسم هوندي هئي. ٻوواريا ۽ واڍين وٽ اولهيءَ سٽيءَ جي ويندڙ ۽ آ ٻڌندڙ کي منجهين ٻڌڻ جي رسم هوندي هئي. هن حالت ۾ جڏهن مالهو آڻ ۾ ٻڌل هوندو آهي سو، ٻاڪل اهڙي ٽي نموني اناج جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي، جهڙيءَ طرح ٽارڻ يا ٻڌن ۾ وڌهيل مالهو ڏاڻ جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي.

اولين سٽي، جنهن کي "ووڙهي عورت" جو نالو ڏنو ويندو آهي، ان سٽين کان جسامت ۽ وزن ذريعي، گهڻو ڪري، ميز ڪٽي ويندي آهي. چنانچه، اولهه ۽ رشيا جي ڪن ڪوڙن ۾ "ووڙهي عورت" کي رواجي سٽين کان طوالت ۽ جسامت ۾ ٻڏو ناهيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان کي انتهائي وڏندار ٻاهيو ويندو آهي، جو هڪ مالهو ان کي ڪٽي نه سگهندو آهي. سمائنڊ ۽ ائلت - ٻلا وٽ، "ووڙهي عورت" ناهڻ لاءِ ان ۾ لوڻ سٽون کي گڏ ٻڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندوآ هي ۽ جيڪو ماڻهو ان کي ڪڙو ڪري ڀهارينڊو آهي، سو
اڃ جي گهٽي وزن سبب ڀڙ ڀڙ ڪندو آهي. سڪسن ڪوارگ ۽
ازگرنڊ وٽ هوئين" سٽي" کي، جنهن کي "ڀوڙهي هورت" سڏو
ويندو آهي، چالي واري ۽ خاص طرح ڏن ارادي سان وڏو ڏاهو
ويندو آهي، ته جيئن اينڊز سال پراور فصل حاصل ٿئي. چنانچه،
هوئين سٽي" کي غير معمولي طور وڏو يا ڪورو ڏاهي، هڪ لسر جو
جادو" جو جنتر آهي، جو هر آهنگ جادو" تحت عمل ڪري ٿو
۽ جو اينڊز لاباري جي وقت پراور ۽ گهٽي اصل ڪٽڻ لاء خاطري
ڪرڻ واسطي ادا ڪيو وڃي ٿو.

اسڪالڊنڊ ۽، جڏهن هئلوماس* کان پوء آخرين الاج
ڏيو ويندو آهي، تڏهن ان سنجهان جيڪو زالي صورت وارو
مجسمو تيار ڪيو ويندو هو، تنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڪارلائين،
يعني "ڀوڙهي عورت" سڏيو ويندو هو. ۽، جيڪڏهن اهو هئلوماس
ڪاٺ ۽ ويڙهيو ويندو هو، ته ان کي "ڪنواري" سڏيو
ويندو هو، جيڪڏهن اڃ کي سڄ ڏهن بعد ويڙهيو ويندو هو، ته
ان کي "ڏاڏهه" سڏيو ويندو هو، جو اڃ لاهيڻ سمجهيو ويندو هو،
۽ لاهو سڄ وقت آڻ ڏڻ سان برابر سمجهيڻ ۾ اينديو. اسڪالڊنڊ جي جاهلو
لاڙائين ۽ لاباري وات جيڪو ڀويون آن ويڙهيو ويندو آهي، تنهن کي
"ڀوڙهي زال" (ڪلچ) يا "ڪنواري چوڪري" سڏيو ويندو آهي،
في الجمله، ڀهرون ڏالو مغربي ۽ ڀويون مرڪزي ۽ مشرقي ضلعن
۽ عام جام ڏاهپ معلوم ٿئي ٿو. "ڪنواري" چوڪري" جو
ذڪر اسين جلد ئي ڪنداسون، هتي اسين "ڀوڙهي" زال" سان
واسطو رکون ٿا. انهي" رسم متعلق روورينڊ جي- جي- ڪئمبل،
لاباري جي هڪ دور دراز همريڊيه ٻٽ جي ٻاڊري" جو هڪ باخبر
۽ جاڻو انفارمر ڪنڊڙ آهي، هيٺيون عام بيان ڏنو آهي: "لاباري
واري ڀوڙهي زال (اي ڪلچ) — لاباري وات هن ڪالهه لاء وڏي

* هڪ عيسائي تقريب، جا "مينهي ديوتائن جي ڏينهن" (آل سينٽس ڊي)
تي ملهائي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد ڪئي ويندي هئي ته ڪوئي به سياڻي ڪاڻ ووٽي نه رهجي وڃي ۽ جڏهن مشترڪ آبادي" جو رواج هو، تڏهن اهڙا مثال عام هئا، جن ۾ زمين جو هڪ اهڙو ٽڪرو ان ويجهل ڇڏيو ويندو هو (جنهن لاءِ ڪو ماڻهو دعويٰ ڪرڻ ڪندو هو)، جو به سياڻي ڪاڻ ٻڌي هوندو هو. ان باري ۾ لاباري وارن کي هي" ڊپ هوندو هو ته متان "ٻي" جي ڏڪار" کي (گورٽ اي پولي) ايندڙ لاباري تائين ڪارائڻو ٿي. انهي" ٻوڙهي" جي ڊپ ڪاڻ تمام گهڻي ولدر ۽ سالگ بازي ٻڌا ٿيندي هئي ..... جڪو سياڻي ڪاڻ ٻڌائين تاريخ ٿيندو هو، سو آڪ" جي ڪجهه ڏهن ماڻ هڪ ڳڏو ناهيندو هو، جنهن کي "ٻوڙهي زال" سڏيو ويندو هو ۽ ان کي ٻڌڻجي ويجهي ڪاڻ ويجهي ٻاڙهري" ڏاڻهن موڪليندو هو. اهو وري ٻڌڻجي ليکي ان کي ٻڌڻجي ڪنهن اهڙي همسائي ڏاڻهن موڪليندو هو، جو اڳ ۾ ڪهت راتار وارو هوندو هو ۽ جنهن وٽ اڳ سياڻي ڪاڻ ٻڌاڙي" ۾ رهجي ويندي هئي، تنهن وٽ "ٻوڙهي عورت" ٻهتل سڏجي ويندي هئي، جنهن کي ڪيس انهي" سڄي سال لاءِ ٻاڻ وٽ رکڻو ٻوڌو هو."

آڳلي ٻٽ ۾ جڪو ٻوڙن آن ڏيڻو ويندو آهي، تنهن کي "ٻوڙهي زال" (ڪلڇ) سڏيو ويندو آهي ۽ جڏهن لاباري وٽ اڳ ٻڌڻجو ڀرڻ ادا ڪري چڪندي آهي، تڏهن ان کي ديوار تي ٽڪاءِ ويندو آهي، جتي اڳ ان وٽ تائين رهندي آهي، جيستائين ٻي سال جي فصل لاءِ ٻي" ۾ هر ڪاهڻ جو وٽ اچي. ان ڪاڻ ٻوءِ ڪيس هٽ لاڙو ويندو آهي ۽ ٻهرلين ڏينهن، جڏهن مرد هر ڪاهڻ لاءِ ويندا آهن، تڏهن ان کي گهرڊيالي انهن مردن ۾ تقسيم ڪندي آهي. اهي مرد ان کي ٻڌڻجي ڪيس ۾ وڃي ڪٽي ويندا آهن ۽ جڏهن ٻني" ۾ ٻاجهندا آهن، تڏهن اڃ کي ٻاهر ڪڍي گهوڙن کي ڪارائيندا آهن. الين ڪرڻ ساڻ سڏجهو ويندو آهي ته ايندڙ لاباري لاءِ خوش قسمتي حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي ۽ ان کان علاوه "ٻوڙهي زال" جي انجام جو اهو سوڻو طريقو سمجهيو ويندو آهي.

اهڙن قسمن جي رسمن جي خبر ويساڻ ماڻ ۽ آهي. چنانچه، اتر اسپروڪ شاخ ۾ ٻوٽين وڌيڪ ان جي اڃڙي" کي، جا چوڻ کان پاڻهين اڻ جتري ڏکوئيندڙ هوندي آهي، "جوڻي" واانگر وکوڙيو ويندو آهي ۽ ان کي "ٻوڙهي عورت" (رانڊ) سڏيو ويندو آهي، ۽ گهڻن ماڻهن جي ياد گيري" جي مرضي الدين جي اڃا تائين حيات آهي، اڃ ساڻ گڏ عجيب و غريب توهمات جون لدل رسمون ادا ڪيون ويندڙن هيون ۽ لاياري لٽ واڻ ۽ ان وقت وڏو جوش و خروش نظر اينڊو هو. جڏهن ٻني" ۽ ابتل آن جي ٻوٽين ڪرڪي وڌن جو وارو اينڊو هو، جڏهن سيڻي جٽا واري وڻي" ساڻ مٽائيس ٻڌڻا ڏاڍا اڃلائيندا هئا ۽ ٻڌجهائڻن جهڪو ۽ ان کي وڌن ۽ ڪامياب ٿيندو هو، ٽنهن کي گهر ۽ ٻهرين شراب جو هڪ ٻرتل ڏني ويندو هو. ان کان پوءِ، گهٽي" تي ٽڪڙ ساڻ "ٻوڙهي" عورت" (رنڊڪ) کي ناهيو ۽ پاسي واري" هڪ اهڙي" ٻني" ۽ ٻوڃاڙو ويندو هو، جتي لاياري ٿيندڙ اڃا ٻڌجهي ڪم ۽ مصروف هوندا هئا. اهو ڪم، گهٽو ڪري، هر هلائيندڙ ڪندو هو، ۽ هن ڪالهه ۽ ڪيس زبردست احتياط ڪرايو ويندو هو ته ڪوبه سندس همسايا ۽ ڏسي وڃي، چو ته جڏهن اهي ڪوبه ڏسي وٺندا هئا ۽ سندس ارادي متعلق ڪوبه ذرو ۽ شڪ پاڻي ويندو هو، ۽ اهي ڪيس: ڪندو اوڻن ۾ موڪلينداً هئا. ٻوڙهي جي ٻيان گهڻندو ۽ وڙهندو، هو تيسين انتظار ڪندو هو، جيسين سندس همسائي جي لاياري لٽ واڻ جو مهندار سندس عين سامهون اهڙي هنڌ اچي ٻڌجندو هو، جتي اهو سندس دسترس کان ٻاهر ۽ هوندو هو، ان وقت هو ٽڙٽي ڪري "ٻوڙهي عورت" کي لوڙهي، يا جڏهن ممڪو ٽي سگهندو هو، ۽ مهندار جي ڏاڍي مٽان اڃلائيندو هو، اهو ڪم ٻوڙو ڪري، هو وٽي پڄندو هو ۽ جتڙو جلد ٽي سگهندو هوس، اوڙو جلد اتان ٽرڻ جي ڪوشش ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوي ۽ اهو خوش نصيب هوندو هوي جيڪڏهن ڪڙڻ، يا ڪاوڙيل لاباري ڪندڙ جي اڏامندڙ ڏاڙن جي زخمن کائڻ کان سواءِ، جي سندس اوبان مٿس وسايا ويندا هتا، بچي وڃن ۽ ڪامياب ٿيندو هوي. ان حالتن ۽ "ڪوڪ" کي لاباري ڪندڙ ساڻ هڪ ڇٽو زميندار گهرڙائين ڪڻي ايندو هوي. اڃ جي ڪوشش اها رهندي هئي ته "ڪوڪ" کي بغير آلي ڪرائي جي، ۽ لڪ ڇپ ۽ گهر تائين آڇايو وڃي، ار جيڪڏهن گهر جا ماڻهو سندس ارادي کي پالي وٺندا هتا، ته سندس مرمت ٿيل جو زردست انديشو رهندو هوي. ڪڏهن ڪڏهن، هن کي ڏري گهٽ اڳهاڙو ڪيو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن، ڪيترائي سال، جو اهڙي مولعي لاءِ نهايت هيرداري سان بالڻين ۽ دان ۽ پري رکيو ويندو هوي. ترٽر ڪيو ويندو هوي. ار، جيڪڏهن هو "ڪوڪ" کي هر حالت ۽ لڪ ڇپ ۽ سڪل حالت ۽ گهر آڇائڻ ۽ ڪامياب ٿي ويندو هوي، ته گهر جي مالڪ کي ڪيس ڪجهه ڏنل پري ڏيڻو هوندو هوي، يا ڪڏهن ڪڏهن "ڪوڪ" کي گهر آيندڙ ديوار جي پرسان رکيل ٻپ سان، جنهن ۽ معلوم ٿئي ٿو ته بهترين لسر جو ار رکيو ويندو هوي، ار جي هڪ پرين ٻاڻي جي تقاضا ڪندو هوي. ان کان پوءِ "ڪوڪ" کي گهر جي وڏي ڪمري ۽، يا ٻي ڪنهن جڳهه تي، احتياط سان ڪيلي تي لٽڪائي ڇڏيو ويندو هوي، جتي اها سڄي سال تائين رهندي هئي. "ڪوڪ" (رڪ) کي گهر آڻڻ ۽ لٽڪائي ڇڏڻ جي رسم، ار ابهروڪ شاهر جي ڪن فارن تي اڃا تائين مروج آهي، ار اهي قديم رسمون جن جو تازو ذڪر ڪيو ويو آهي، ختر ڪيون ويئون آهن.

ٽورائي سال اڳ، جڏهن انڊرم* ڪالوائي ۽ لاباري ٽيندڙ مشهن ڏاڙي کي آخرين طرح ميدان ساڻ اڏي ڇڏيو تڏهن الاج جا ڪجهه سلا، جن کي آخرين طرح ٻني ۽ ڇڏي ڏاو

* الگائيو جو هڪ ڏيو علائقو، جو اسان جي ملڪ جي ضلعي جي هڪ ڏويزن کان ٽورو ٿي گهٽ يا وڌ ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو، چوڻي جي صورت ۾ وڻيا ويندا هئا، ان کان پوءِ لاباري ٿيندڙ، اکين ۾ پنهون پڌي چوڻي وانگر ويڙهيل اڄ جي سڀ ۾ پنهنجا ڏاڍا اچلائيندا هئا ۽ منجهائن جيڪو ، ان کي بلڪل صفائي سان وڍ ۾ ڪاميابي ٿيندو هو، سو ان کي ٻاڻ سان گڏ پنهنجي گهر ڪٽي ويندو هو، جتي ان کي دروازي ۾ لٽڪائي ڇڏيندو هو. اڄ جي انهيءَ سڄي کي "ڪاريءَ" سڏيو ويندو هو— جو شايد "ڪاران" جهڙو لفظ آهي.

سڀئي لسل واريون لوڻون ۽ ساڪهون ۾ رسمون ادا ڪنديون آهن. چنانچ، پوئتي ۽ آخرين سٽيءَ کي عام طرح "بابا" يعني "اوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي. "پوئين سٽيءَ اندر" ماڻهو چوندا آهن، "بابا ويٺي هوندي آهي." خود انهيءَ سٽيءَ کي ، "بابا" ڪوٺيو ويندو آهي، جا عام طرح بارهن ڏينهن سڀني کي هڪ ٻئي سان ٻڌي ، ڏاهي ويندي آهي. بوهيما جي ڪن علاقن ۾، اوڙهين سٽيءَ سان لاهيل "بابا" کي عورت جي صورت هوندي آهي ۽ ان جي ڳالهه ڪڻ جو هڪ وڏو ٽوپلو رکيو ويندو آهي. ان کي لاباري وارڻ ڪاڏڻ سان سيني کان اوڙهين تي گهر ڏانهن نهارڻ ويندو آهي ۽ ان کي هارڻ سان سينگاري ، ۽ چوڪرين ڪڙمي اڪثر ايئن ڪنديون آهن. سڀئي ٻڌڻ ۽ عورتون سيني کان پٽي رهڻ وچ کان ڏاڍي خبرداري ڪنديون آهن، جوتو انهن سان جهڪا ، آخرين سٽي پڌندي، انهن کي ايندڙ سال ٻار جمندو. ڪڏهن ڪڏهن لاباري ٿيندڙ انهيءَ عورت کي ، جهڪا آخرين سٽي پڌندي آهي، واکو ڪري چوندا آهن، "او، انهيءَ ورت بابا آهي" ، يا "اهائي بابا اٿو" ڪراڪائو ضلعي ۾ ، ڪڏهن ڪو ماڻهو آخرين سٽي پڌندو آهي، تڏهن ٻيا ماڻهو چوندا آهن ته، "ڏاڏو انهيءَ ۽ ونڊر آهي" ، جڏهن آخرين سٽي ڪا عورت پڌندي آهي، تڏهن چوندا آهن، "بابا ان ۽ ويٺي آهي" ، ۽ خود انهيءَ عورت کي سٽيءَ ۽ اوڙيءَ طرح ويڙهيو ويندو آهي ، جو ان جو رڳو مٿو ٻاهر نڪتل هوندو آهي. اوڙيءَ طرح سٽيءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏهيل حالت ۾ ڪنهن لاچاري واري آخرين ڳاڏي لي گهر ويچاءُ ويندو آهي، جتي گهر جا سڀ پاڻي مٽائيس پاڻي هاري ڪنهن شراءُ ڪري چڏيندا آهن. ناچ هتر ٿين تائين اها سڀ اندر وڏهيل رهندي آهي ۽ سڀني سالي تائين هو "بابا" جي ٽالي سان سڏي ويندي آهي.

ٽوٽالبا ۾ ٻولين سڀني لاءِ "بوبا" (وڏهي زال) جو لفظ استعمال ٿيندو آهي، جو ٻولش ٻولين جي "بابا" لفظ سان ملندڙ آهي. "بوبا" لاءِ جيو ويندو آهي ته اها سڀني اناج ڪان ٻڌي چڏيل ۽ اها ٻئل آن ۾ ويني هوندي آهي. جيڪو مالهو ٻولين سڀني ٻڌلدو آهي يا آخرين ٻڌلڻي ۾ سان ڪوليندو آهي، تنهن سان تمام گهڻا چرچا ڪيا ويندا آهن ۽ ڪنهن "راليء جي وڏهي عورت" يا "ٻڌاڻي جي وڏهي زال" جو ٽالو ڏنو ويندو آهي، جو ان کي گهڻي عرصي تائين برداشت ڪرڻو پوندو آهي. ٻولين سڀني — "بوبا" — کي زنانه صورت ڏني ويندي آهي، ڪنهن سينڌ ڪان آخرين ڳاڏي لي ويهاري ڏاڏيء سنجيدگيء سان ڪوٽ مان ڦيرائي، ڪڙميء جي گهر ويچائي، پاليء سان ساڻيو ويندو آهي، ان ڪان پوء هر هڪ سالن ناچ ڪندو آهي.

رومن ۾ ان ٻولين سڀني کي گهڻو ڪري زنانيء صورت ۾ ڏاهي، ڪنهن زنان ڪوڙا ٻولي، ناچ ۽ راڪ سان زميندار گهر ڏانهن ڪٽي ويندا آهن. بلڪيريا وارا ٻولين سڀني سان هڪ ڪڏو ناهيندا آهن، جنهن کي اهي "اناج جي راڻي" يا "ان ـ ماءُ" سڏيندا آهن. ان کي زنانو لهص ٻارائي، سڄي ڪوٽ جي چوڌاري ڦيرايو ويندو آهي، جنهن ڪان پوء ڪنهن درياهه ۾ اڇلايو ويندو آهي ته جيئن ٻئي سال جي فصل لاءِ سنهن ۽ ماڪ چڱيءَ مقدار ۾ ميوا ٿئي. يا وري ان کي ساڙي، سندس رک کي ٻنيء ۾ منتشر ڪيو ويندو آهي، جنهن جو مقصد، لاشڪ، ٻنهن کي آباد ڪرڻ جو هوندو آهي. راليء جي ٽالي سان، جڏهن طرح اهو ٻولين سڀني سان وابستگي ڪيو ويندو آهي، مشابهت رکندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال مرڪزي ۽ شمالي يورپ ۾ موجود آهن. چنانچہ، آسٽريا جي سالزبرگ ضلعي ۾، لاباري جي هٿ ٺهن کان پوءِ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويندو آهي، جنهن ۾ الاڇ جي سنگن جي "راڻيءَ" (آهرينڪوائگين) کي هڪ لنڊيءَ گاڏيءَ ۾ وهاري، نوجوان ڇوڪرا گهمائيندا هلندا آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ "لاباري جي راڻيءَ" جي رسم انگلئنڊ ۾ عام جام هئي. ملٽن* کي ان جي ضرور ڄاڻ هوندي، ڇو تہ "پيراڊائيز لاسٽ" ۾ هو ڇوڪرو ٿو :

"آدم اڃ وڃ ۾،
هن جي واپسيءَ جي انتظار ۾، ڇوڪيءَ مثل ڪنڈو هو،
ڇوڪر ڪلن سان هڪ هار، سينگارڻ لاءِ
هو جي زلفن کي، ۽ سندس ديهاڻي محنتن کي تاج ڏيارڻ لاءِ،

جيئن لاباري ڪنڈ عام طرح هرڻ هوندا آهن لاباري جي راڻيءَ کي ڏيارڻ لئي"

انهيءَ رسم جون رسمون ڪٿي ڪري، لاباري واريءَ ٻنيءَ ئي ٿي، ۽ گاهه واري ميدان ئي، ادا ڪيون ويندڙون آهن. الاڇ جو روح، لاباري ٽيندڙن جي اکپاڻ، جيڪو جيئن اهي ڪل ان ڏينهن ويندا آهن، ٽئل آنَ کي چڏي وڃي پڄندو آهي ۽ ڏيري ۾ وڃي پناه وٺندو آهي، جتي اهو ٻوٽيءَ گاهيل ستيءَ ۾، يا ٿڌڻ جي ڏکن کان مرڻ يا اڃاڪ ۽ پڄڻ ۽ باسي واري فارم جي ايڏا آ گاهيل آنَ ۾ لکن لاءِ، وري اڃي ظاهر ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو ان سبب کان آخر گاهيو ويندو آهي، تنهن کي "ماءُ-آن" يا ٻوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، جيڪو مائيو ڏنڊي جو آخري ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "ٻوڙهي عورت" سڏيو ويندو آهي ۽ ڪمن ٻوٽين ستيءَ جي ڪڻ ۾ ويڙهيو

*الگلئنڊ جي مشهور نابينا شاعر جان ملٽن، جو شهره آفاق منظوم ڪتاب، جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي آدم عزازيل جنت کيڻ وڃائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وندو آهي يا سندس ٻانهه تي ڪڪ ٻڌا وندا آهن. ٻئي ڪنن ۾ وڏڙهيون هوندو آهي، شواه ڪڪ سندس ٻانهه تي ٻڌل هوندا آهن، ٻنهي حالتن ۾ ڪيس عام ڪل ۽ ٽهڪڙي جي وچ ۾ ڏاڙهه تي وهاري ڪوٽ مان ڦراءُ وندو آهي. ٻئورا، ٽورانگين ۽ ٻئي علائقن جي ڪن ضلعن ۾، جيڪو ماڻهو آخرين مڙي ڪاهيندو آهي، تنهن لاءَ چوو وندو آهي ته، ولس "اوڙهي عورت" يا "اوڙهي الاج-عورت" آهي، ڪيس ڪنن ۾ ٻڌو وندو آهي ۽ ٻئي ڪلهي تي ڪٽي يا ڏاڙهه تي وهاري ڪوٽ ۾ ڦيراءُ وندو آهي، جنهن ڪان پوءِ ڪيس ڇٽي جي ڏيڪ تي رکيو وندو آهي، يا وري ڪنهن اهڙي همسائي ڪڙمي جي ڪاهه ڪرڻ واري ميدان ڏانهن لئجوءُ وندو آهي، جنهن اڳ ٽالين ٻنهنجو ڪاهه اورو ڪوڙ ڪيو هوندو آهي. اولڙئي ۾، جيڪو ماڻهو ڪاهه ڪرڻ وقت سيٽي ڪان اوڙن ڏي هٽندو آهي، تنهن کي "ٻاٻا" (اوڙهي عورت) سڏيو وندو آهي، ڪيس آن ۾ وڏڙهي، ۽ ڏاڙهه ۾ وهاري، سڄي ڪوٽ ۾ ڦيراءُ وندو آهي. ٽولالا ۾، گهٽو ڪري، آخرين مڙي کي ڪوڙ ڪاهيو وندو آهي، ان کي ڏالاڻي شڪل و صورت ڏيڻي، جنهن اهڙي ٻاڙيسري جي ڏاري ڏالاڻن ٽنڊن وندو آهي، جنهن ٻنهنجو ڪاهه اورو ڪوڙ ڪيو هوندو آهي.

سڀني جي ڪن علائقن ۾، ڇڏهن جو اجنبي عورت ڪاهه واري ميدان ۾ اوچتو اچي سوڙلدي آهي، لڏهن سندس جسم جي چوڌاري هڪ ڇيڪ ۽ ڪردن جي چوگرد الاج جون ٽلڙيون وڙهيون وندڙيون آهن، سندس مڙي تي سنگن جو تاج رکيو وندو آهي ۽ ڪاهه ڪاهيندڙ واڪا ڪري چولدا آهن، "اڙي آن- عورت کي ڏسو". هن حالت ۾ اجنبي عورت کي، جا اهڙي طرح تاگاه اچي ٻرڪوت ٽيندي آهي، آ جو روح سمجهيو وندو آهي، جنهن کي تازو ئي ڇيڪ ۽ ڏنڊن جي مار سان سنگن مان لوڏي ڪيو ويو آهي. ٻنهي حالتن ۾، ڪڙمي جي زال ان جي روح جي نمائندگي ڪندي آهي. چنانچه، سلائن (وينڊي) جي اجتماعي ڪوٽ ۾ ڪڙمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زال کي، ٻوٽيءَ سڀيءَ سان گڏ وگڙ چادر ۽ ٻڌي ۽ چڪا تي چاڙهي، گاهه ڪرڻ واريءَ مشين ڏانهن لهون ويندو آهي ۽ ان جي هيٺان ڪيس ڏئو ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ، عورت کي چڪي باهر ڪيرايو ويندو آهي، ۽ الاڄ جي سڀيءَ جو گاهه پهنجي ليکي ٿي ويندو آهي، ۽ عورت کي چادر ۽ وڃي اهڙيءَ طرح هيٺ ۽ ٻڌي اڇلايو ويندو آهي، جڏ ته ڪيس ڇڄ ۽ وارايو وڃي. عورت جي الاڄ ساڻ شناخت جو، ڪيس گاهن ۽ وائرائڻ جي باقاعده نقل ڪرڻ جي طريقي کان، ٻي ڪنهن زياده واضح نموني سان اظهار ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهيندو.

هنن رسمن ۽ ٻڪل ان جي روح کي ٻوڙهيءَ، يا ڪم از ڪم ٻلوٽ کي رسيل، جمار جو سڏجيو وڃي ٿو. ان ڪري ٿي، ڪيس "ماڻ" "ڏاڏي-امان"، "ٻوڙهي عورت" جوڙيا ٻيا، ڪنهن ٻالا ڏيا وڃن ٿا. ۽، ٻن حالتن ۽، الاڄ جي روح کي جوان تصور ڪيو وڃي ٿو. چنانچه، وولفين ٻڌل جي پرسان، سالڊرن وٽ، جڏهن راڻيءَ جو لاهارو ختم ڪيو ويندو آهي، تڏهن ٿي ستين کي اهڙي نموني رسيءَ سان ٻڌو ويندو آهي، جو منجهائن هڪ گڏو ٿي ٻوندو آهي، جنهن ۽ مڻي جي ٻدران آنءَ جا سنگ لڳل هوندا آهن. انهيءَ گڏي کي "ڪنواري" يا "آنءَ-ڪنواري" سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن آنءَ جي روح جو هڪ اهڙي ٻار جي صورت ۽ تصور ڪيو ويندو هجي، جنهن کي ڏاڻي جي ڏڪ سان پهنجيءَ ماڻ کان جدا ڪيو ويو آهي. اهو نظريو ٻولنڊ جي هن رسم ۽ موجود ملي ٿو، جنهن ۽ الاڄ جي سڀ کان آخرين سٽ ويڙ واري مالهوءَ کي واڪو ڪري چيو ويندو آهي ته "لون ٻار جو ناڙو ويڙي ڇڏو." اولهه ٻرٽيا جي ڪن ضلعن ۽ ٻوٽيءَ سڀيءَ مان جهڪو مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي "حرامي" سڏيو ويندو آهي ۽ ان ۽ هڪ چوڪر کي وڌهيو ويندو آهي. جهڪا عورت ٻوٽن سڀي ٻڌندي، ۽ آنءَ-ماڻ جي نمائندگي ڪندي آهي، ڪنهن لاهه چيو ويندو آهي ته هوءَ جاه تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي داخل ٿيندي، ٻوءِ هوءَ سورن واريءَ عورت وانگر دانهون
ڪندي آهي ۽ هڪ ٻڙهي عورت ناليءَ جي ڪردار ۽ دانيءَ جو
ڪردار ادا ڪندي آهي. آخر ڪار، واکو ڪري اعلان ڪيو ويندو
آهي ته ٻار جائو آهي، اهو آواز ٻڌندئي، آڻ جي ٽيءَ ۽ وڙهيل
ٻوڪري ٿين چاول معصوم ٻار وانگر، اوٽان اوٽان ڪرڻ شروع
ڪندو آهي، نالي ٻار کي ٿنڀڻ ۽ ٻڌڻ جو ٿل ڪندي، ڪيس
ڪوليءَ جي ٽڪر ۽ وڙهندي آهي، جنهن ڪان ٻوءِ انهيءَ نالي
ٻار کي ڏاڍيءَ خوشيءَ سان آڻ جي ديري ڏاڍن نيٺيون ويندو
آهي، ته ستان ڪليل هوا ۽ ڪيس سردي لڳي ۽ زڪام ٿي ٻوي.
اڙ جرمنيءَ جي ٻن علائقن ۽، ٻوڻن ٽيءَ يا منجهائس ناهيل
ڪڏي کي "ٻار"، "لاباري جو ٻار" وغيره جهڙن نالن سان سڏيو
ويندو آهي ۽ جيڪا عورت آخرين ٽيءَ ٻڌندي آهي، تنهن کي
زوردار آواز ۽ چيو ويندو آهي، "ٿون ٻار کي ٻئي ڪڙن".
اسڪاٽلينڊ جي ڪن حصن ۽ شمالي انگلستان ۽ ٻي لاباري
واريءَ ٻنيءَ ۽ آڻ جي جيڪا آخرين سٽ ويڄي ويندي آهي، تنهن
کي "ڪرن" سڏيو ويندو هو ۽ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو اها
ڪٽي ويندو هو، الڻ چيو ويندو هو ته اهو "ڪرن" کي جيتي
ويو. ان ڪان ٻوءِ ڪيس هڪ ٻاراڻي ڪڏي وانگر ڪوڙا ڏيکالي،
"ڪرن - ٻار"، "ڪرن - ڪڏو" يا "ڪنواري ٻوڪري" سڏيو
ويندو هو. اڙوهڻ ضلعيءَ جي وچ ڏاري ٽائين ٻي، اروڪشائر ۽
لاباري الڻ وارن جي وچ ۽ ايڊل اناج جي آخرين سٽ کي ويڙ
لاءِ اردست ڪشمڪش ٿيندي هئي، جيڪي ڇٽا ٿورو مفاصلو ڇڏي
آن جي جوڙاري اڃي جمع ٿيندا هئا ۽ واريءَ ٽيءَ تي منڊاس ڏالڻا
اچلائيندا هئا، منجهائن جيڪو ۽ ڪيس صفاليءَ سان ويڙ ۽
ڪامياب ٿي ويندو هو، سو اها سٽ ڪٽي ڪنهن اهڙيءَ ٻوڪريءَ
کي ڏيئي ڇڏيندو هو، جنهن کي هو ٻين سڀني ڪان زياده پائيندو
هو. ٻوءِ اها ٻوڪري اهڙيءَ طرح ويڙ آن کي "ڪرن-ڪڏيءَ"
وانگر ٺاهي، ڪيس ڪوڙا اوراڻيندي هئي، جنهن ڪان ٻوءِ ڪڏيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي زميندارِي گهر ڏاڻهن ڏينهن ويندو هو، جڏهن ڪيس اينڊڙ سال لاءِ زاليع ٿيڻ کان پوءِ ويندو هو، جڏهن سندس جاءِ هڪ ڏينهن "ڪرڻ-ڪڏڻ" اچي والاريندو هو. اروڪشار ۾، اسالس ووڊ جي مقام وٽ، لاءِ واري وقت الاڄ جي اولاد" ۾ مٽ ڪي وڃڻ جي ڪارڪذاري" کي عام طرح "راڄي" کي وڃڻ" يا اولاري اندر ئي عام طور، "ڪرڻ کي وڃڻ" سڏيو ويندو آهي. الهي" کي وڃڻ جو طريقو مٿس ڏاڻهن اچلائڻ جو ڪوءِ هو. لاءِ واري ڏينهن وارڻ" ماڻهه جڏهن اڪثر ئي ٻڌي" ٻڌائڻ لاءِ رضامند ٿيندو هو ۽ سندس نوجوان سالي، ڪيس هٿ ۾ ڏاڻهو ڏيڻي ۽ ٻه، ئي ٻيرا ڇوڪرا ڏورون ڀاڻائي، الهي" "ڪرڻ" کي وڃڻ لاءِ چڏي ڏيندا هئا. جنهن طريقي سان هو ڏاڻهڙا هٿندو ۽ ڏاڻهي سان هوا ۾ آڏا ۽ ايتا ڏڪ ٽوڪيندو هو، تنهن ايڪ کي جا ڪوڪرات ٻڌي ويندا هئا. آخرڪار، جڏهن هو ٻاڻ کي ئي ڏاڻهو ڏڪائي چڏيندو هو ۽ ٻنهنجون ڪوشڻون ترڪ ڪندو هو، تڏهن ٻاڻي ٻوءِ ماڻهن منجهان هڪ ٻئي ڇڻي ڇي اڪثر ئي ٻئي ٻڌي ويندي هئي، جو ان الهي" مقصد حاصل ڪرڻ خاطر، ٻاڻ کي اهڙي" طرح ڪلهه هاب ڪري واپس اينڊو هو ۽ اهڙي" طرح، اهو سلسلو تيسين جاري رهندو هو، جيسين "ڪرڻ" وڌ ڇي ويندو هو. ڪامياب اميدوار کي سندس ڏاڻي-ٻاڻي، خوشي" جا ئي نعرا بلند ڪري، هوا ۾ مٿي ڪڏائيندا هئا. اسالس ووڊ ۾، جنهن ڪمري ۾ "ڪرڻ-دعوت" منعقد ڪئي ويندي هئي تنهن، ۽ ديري کي، جنهن ۾ لاڄ ڪيو ويندو هو، سينگاريو ۽ لاهن لاءِ ۽ عورتون هر سال "ڪرڻ-ڪڏيون" يا "راڄيون" ناهيندڙ هيون، آن" جي روح جا اهڙا ڪيئي هڪيئي سان گڏ ٽڪيل، ديهاتي مجسما الهي" جاءِ تي اڄ ۽ ڏسي سگهجي ٿا.

اسڪاٽلينڊ جي مٿاڻهن ٻڌ جي ڪن حصن ۾، لاءِ واري اينڊڙ جڏهن ڪنهن ۽ نار تان آن" جي آخرين مٽ ويندا آهن، اڏهه اهي ڪيس "ڪنواري" يا گالڪ ٻولي" ۾ "ميڊين ورٿ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيندا آهن، جنهن جي لفظي معنيٰ "وارن کوڙيل ڪنواري" آهي. الهي "ڪنواري" کي حاصل ڪرڻ جي مقابلي ۾ سوياري ٻئي سان گهٽيئي وڃي ٿو سنسا واپسي ڪيل آهن. جيڪڏهن ان کي ڪو نوجوان مرد حاصل ڪندو آهي، تہ ان کي هن کالهه جو شڪون سمجهو ويندو آهي تہ الهي" جوان جي ايندڙ لاچاري کان اڳ شادي ٿيندي. الهي"، يا ڪن ٻڌ سڏن ڪري، لاچارو ٿيندڙ جي درميان خاصي جڏايڻي ٿيندي آهي ۽ اهي ڪمن حاصل ڪرڻ جي ارادي سان مختلف قسمن جي حرڪتن کان ڪم وٺندا آهن. مثال طور، منجهائن هڪ جڏو عام طرح لاچارو ٿيندي، الاڄ جي هڪ مٽ کي ان ويجهو ڇڏيندو ۽ ان کي ٻئي ٿيندڙ جي نظر کان اڃائي خاطر، مٿس مٽي وجهي ڏيکي ڇڏيندو، تانجو ٻئي" جي ٻئل سجو آڻ ويجي ويندو. ممڪن آهي تہ هڪ کان زياده مالهو ساڳي ٿي چالاکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ انهن ۾ جيڪو، ٻن سيني کان زياده تڏي دماغ وارو هوندو آهي ۽ ٻنهنجي وار کي ٻن سيني کان زياده ديرتائين ان وٽ پوشيده رکي سگهندو آهي، سوئي اهو اعزاز ماڻي سگهندو آهي. جڏهن اڪ کي وڌيو ويندو آهي، تڏهن "ڪنواري" کي راڻن سان ڏيکي، ڪيس ڪٽڻي جي صورت ڏني ويندي آهي، جنهن کي زميندار گهر جي پٽ ۽ لڪايو ويندو آهي. شمالي اسڪالئنڊ ۾ "ڪنواري" کي *"ٻول ـ صبح" تائين احتياط سان محفوظ رکيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس هن مقصد سان چوڻائي مال ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي تہ "اهي سڄي سال جي دوران ۾ ٻلا ۽ ساوا رهن". ٻرت شاهر ۾، بالتهيزر وٽ، فصل جي آخرين مٽ کي "ٻئي" ۽ موجود ٻئل عورتن مان سيني کان زياده ڪمسن چوڪري ويندي آهي ۽ اڪ کي ڪاغذ جي ٻوڪاڻ ٻراڻي ۽ راڻن سان سينگاري، ڪڏي"

* ناڻل جي سلاءِ تي جيڪي تقريبون ملهايون ويندڙيون آهن، تن کي "ٻول" چيو ويندو آهي ۽ "ٻول ـ صبح" مان مقصد ناڻل جي صبح جو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪل ڏني ويندي آهي. ۽ ان کي "ڪنواري" ڪوليو ويندو آهي ؟ ڪنهن زميندار جي گهر ۾، عام طرح ڏوڪڻ مٽائل رکيو ويندو آهي، جتي اها ڪائي ڏکي عرصي، ڪڏهن ڪڏهن ٻ ٻئي سال جي ٿئين "ڪنواري" جي اچڻ تائين، ٻئي هوندي آهي. هن ڪتاب جي مصنف سنہ ۱۸۸۸ع ۾، بالڪوبڙ وٽ "ڪنواري" جي وڏڻ جي رسم جو عيني مشاهدو ڪيو هو. هڪ هالون دوست سوڪ کي ٻڌايو ٿ. جڏهن هو" اڃا ننڍڙي ڇوڪري هئي، تڏهن ئي لاهارو ٿيندڙن جي منٽ ميڙ تي ارٽ جي آمن ياس ڪيئي دفعا "ڪنواري" کي ونجڻ مٽ ساڻ ڪاڻيو هو. "ڪنواري" ٽالو، ٻني" تي ٻئل اناج جي آخرين مٺ کي ڏاڍو وڏو هو، هڪ ٿيندڙ انهي" سٽي" جي بالائي حصي کي چاهيندو هو ؟ هو" اڪ کي وڌيندي هئي. بعد ۾ انهي" سٽي" کي چوٽي" وانگر ڪٽڻ ويندو هو ؟ ڪنهن رڻن سان سينگاري، اورجهڪائي جي ٻڌ تي ڪنهن نماڻن هنڌ تي، تيسن ٽنگائي ڇڏي ڏاڍو ويندو هو، جيسن اٽڏڙ سال جي "ڪنواري" آندي ويندي هئي، تنهن کي ان "ڪنواري" سڏيو ويندو هو. لاهارو ٿيندڙ، انهي" موڪلي تي، اڇندا ؟ ڪڏڻا هئا.

ڊمارٽن شاهر ۾، گيٽرلاڪ جي ڪن فارمن تي، سنہ ۱۸۳۰ع ڏاري، ٻني" تي ٻئل آڪ" جي آخرين مٺ کي "ڪنواري" سڏيو ويندو هو. اڪ کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري، چوٽي" وانگر ڪٽڻ ويندو هو، جنهن کان پوءِ هڪ ڇوڪري اڪ کي وڏي ڇڏيندي هئي، جنهن جي متعلق وري هي" خيال ڪيو ويندو هو ٿ. اها خوش قسمت ٿيندي ؟ سندس شادي جلد ئي ٿي ويندي. اها "ڪنواري" جڏهن وڏي هئي، تڏهن سڀئي لاهارو ٿيندڙ آن جي اردگرد اچي جمع ٿيندا هئا ؟ سڀ ڇٽا ٻنهنجا ڏاڻتا مٿي هوا" ۾ اڇلائيندا هئا. "ڪنواري" کي رڻن سان ساوس ڪري، ڪنهن اورجهڪائي ۾، ڇٽ جي ڀرسان ٽنگاڻو ويندو هو، جتي اها ڪهڙن سالن تائين ٻئي رهندي هئي ؟ مٿاڻس تاريخ لکائي ويندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن ڏ هڪ ڀيرو ڀڄ ڀڄ، ڇڏ، ڇڏ، "ڪنواروڻ" هُڪڙن ماڻ لڏندڙن لظر اچندڙن هيون. لاباري جي ڏينهن منجهند واري" مانيءَ ڪي "ڪيرن" سڏيو ويندو هو. گيٽرلاڪ لي ٻن ڏاڻن ۽ آنَ جي اوڏهه" مٽ ڪي "ڪنواريءَ جو مٽو" يا فقط "مٽو" سڏيو ويندو هو. آن جي چوڻي ضفائيءَ ساڻ ڪُنڊاڻ هوندي هئي، جنهن ڪي ڪڏهن ڪڏهن رٻڙن سان سينگاريو ويندو هو ۽ سڄي سال ٽائين ورجيخالي ۽ لڪائي رکيو ويندو هو، جنهن ڪان پوءِ منجهاڻس آن جا ڏاڙا ڪڍي، ڪڙڻ ۽ ٻن ٻڪرن کي ڏڻا ويندا هئا.

اتريءين شاهر ۽، لاباري لڏندڙ "اوڏن" وڏيل- مٽيءَ يا "ڪنواريءَ" کي، ڏاڍيوڻ خوشيون ڪندا، جلوس جي صورت ۽ گهر ڪڍي ويندا آهن. آن کي، پوءِ، گهر ڏياڻيءَ اڳيان ٻهن ڪپڙو ويندو آهي، جا ڪيس ڪپڙا اڇرالي، تميين ٻاڻ وٽ محفوظ رکندي آهي، جنهن کا اڇرائت گهوڙي ڏ ڏني. ان کان پوءِ "ڪنواريءَ" کي هيٺ لاهي، گهوڙيءَ کي اڇرن" خوراڪ طور اڇڻ ڪيو ويندو آهي. انهيءَ رسر کي نظر انداز ڪري وڃوري تي ٻري اثر ٻڌڻ جو انديشو رهندو آهي ۽ ٻنيءَ جي سيني سارگذارين جا لڏيجا سڄي سال جي دوران ۽ عام طرح ٻاهه کن ٻڪرلاه" اتريءين شاهر جي شمال مشرق ۽، آنَ جي اوڏن" مٽ کي عام ماڻهو "ڪلاڪ" سڏيندا آهن. انهيءَ مٽيءَ کي سيني کان لڏيءَ جمار واري چوڪري وڌيندي هئي ۽ ان کي زنال ڪپڙا اڇرايا ويندا هئا. ڪيس شان و شوڪت ۽ شادمانيءَ سان گهر آندو ويندو هو ۽ ناڻل جي صبح ٽائين حفاظت ساڻ رکيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ آن کي ڪنهن اهڙيءَ ڏکيءَ گهوڙيءَ کي گاڏن لاهڻ ويندو هو، جا ٻنيءَ تي حاضر هوندي هئي، ۽ جيڪڏهن ٻنيءَ لي ڪا اهڙي گهوڙي موجود ڪان هوندي هئي ته ان صورت ۽ آها سيني کان زياده اوڙهيءَ ڏکيءَ ڪُنن" کي گاڏن لاهڻ لي وندي هئي. ٻڌ جاڻن لي انهيءَ مٽيءَ کي سيني ڪُنن ۽ سندن ڪان ۽ گاڏن يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري سيني گهوڙن ۽ نارن جي ۾ن جوڀاڻن ڏورن جي درميان تقسيم ڪرڻ ويندو هو. لائف شاعر ر، الاڄ جي اوڻهين* سٽ ڪئي، جا "ڪنواري" جي نالي سان مشهور هوندي آهي، هڪ نوجوان چوڪري ويندي آهي ۽ آن کي هڪ ڪڏي جي شڪل ڏيئي، رينڊ سان ڀڏو ويندو آهي، جن جي وسيلي آن کي نارن جي اوچيڪائي جي پٽ تي لٽڪايو ويندو آهي، جتي اهو اينڊز بهار تائين لٽڪيو رهندو آهي. "ڪنواري" کي لاڙي واٽ ويڙ جي رسم آورليس شاعر ۽ سدرلينڊ شاعر ر، ان ادا ڪئي ويندي هئي.

الاڄ جي روح کي "ڪنوار"، "*اونس - ڪنوار" ۽ "ڪڪ - ڪنوار" چوڻا لقب ڏيئي، جي جرمني ر ڪن واٽن ۾ الاڄ جي اوڻين سٽي ۽ الهي عورت کي، جڪا اها سٽي ڀڏندي آهي، ڏاڍا ويندا آهن، ڪيس ڪڇ، قدر ڪي، ارائا، جوالي جي عمر ڏني وڃن آهي. سورويا ر مگاز وٽ، ڪڪ جو لاڙي واٽ سڄي ڪڪ لٽ بعد بني جو هڪ ننڍو ٽڪر اڃ - لٽ ڇڏيو ويندو آهي. الهي باقي بچل ٽڪر کي، لاڙي لٽيندڙن جي خوشين ۽ شادمانن جي درميان، هڪ نوجوان چوڪري، جنهن جي مٿي تي ڪڪ جي سنگن جو هار ٻڌو هوندو آهي ۽ جا "ڪڪ - ڪنوار" جي نالي سان مشهور هوندي آهي، لٽيندي آهي. ماڻهن جو اعتقاد آهي ته اها الهي ساڪٽي سال اندر حقيقي ڪنوار ٿيندي، آسڪاٽلينڊ ر روزلين ۽ اسٽون هنون وٽ، الاڄ جي اوڻين وڌيل سٽ کي "ڪنوار" جو نالو ماندو هو ۽ آن کي 'ارمن'، يا دودڪش مٿان رکيو ويندو هو، سندس متعدد 'ڪنن' هنان ۽ ڪمر جي چوڌاري، هڪ هڪ رين ڀڏل هوندي هئي."

ڪنوار جي نالي ر جڪو نظريو اوسيڙه آهي، تنهن کي زياده زوردار ڪولي ر ايش ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻاڦات جي اخلاقي ڪوڻن جي اماڻندگي ڪنوار ۽ ڪوٽ جي صورتن ر ڪئي

* آن جو هڪ قسر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي آهي، چنانچ، ووهارز ۽ اوٽس - مرد ۽ اوٽس - عورت، جي نهن کان ولي چوڻي" تائين ٻلال ۽ ڏکيل هوندا آهن، لاباري جي تقريب وقت اڇندا آهن، ڏکڻ سڪسني" ۽ لاباري جي تقريب لي اوٽس - گهوٽ ۽ اوٽس - ڪنوار ڪڏهن ڪردار ادا ڪندا آهن ۽ اوٽس - گهوٽ اوٽس جي گاهه ۽ مٽي کان ٻرن تائين ڏکيل هڪ مرد هوندو آهي، اوٽس - ڪنوار ۽ هڪ مرد هوندو آهي، جو زنانهن ڪپڙن ۽ ملبوس ۽ ار گاهه ۽ وڏهيل ڪوٽ هوندو آهي، ٻنهي کي گاڏي تي ويهاري، شراب خاني ڏانهن ولي وڃيو آهي، جتي تاج منعقد ڪيو وندو آهي، تاج جي ابتدا ۽ تاجو اوٽس - گهوٽ جي جسم تان اوٽس جا جهڳٽا هڪ هڪ ڪري، جنهن ۽ ڪوهن جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هو ٻنهنجي طرفان انهن کي ان وٽ صحي ۽ سالم رکڻ جي جدوجهد ڪندو آهي، تانجو هو بلڪل اگهاڙو ٿي ويندو آهي ۽ سڄي مجمع جي ڪل ۽ جرجي جو مرڪز ٿي ويندو آهي، آسٽريا واري سائلسيا جي علاقي ۽ "ڪڪ - ڪنوار" جي رسم ان جا نوجوان لاباري جي آخر ۽ ملهائيندا آهن، "ڪڪ - ڪنوار" جو ڪردار اها عورت ادا ڪندي آهي، جا تاج جي آخران مٽي ڏڪندي آهي ۽ سندس مٽي ٿي ڪڪ جي سنگن ۽ گان مان ناهيل لاباري جو تاج ٻڌل هوندو آهي، اهڙي" طرح سنگارجي، ٻنهنجي گهوٽ جي پرسان گاڏي ۽ ويهي، جتي ڪنوار جوڪ ڏيڻيون سندس ٻيان ٻڌيون هونديون آهن، ڪيس شادي" جي جلوس جو مڪمل نقل ڪندي، ۽ ڏکا گهوٽ جي شراب خاني ڏانهن ويندا آهن، جتي صبح تائين تاج جو سلسلو جاري رکيو وندو آهي، ساڳي" موسم ۽ ڪجهه ڏينهن اوٽس - ڪنوار جي شادي اهڙي ٿي ڏيهاتي شان و شوڪت سان ملهائي وينديءَ آهي، سائلسيا ۽، تائسي" جي آس پاس اوٽس - بادشاه ۽ اوٽس - راڻي" کي گهرت ۽ ڪنوار جهڙا عجيب و غريب ڪپڙا پهرائي، ڏکڻ ٿي جاڏهي، گهوٽ ولي ويندا آهن، انهن ٻنهن مثالن ۽ آن" جي روح کي نر ۽ مادي" جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ ٻئي شخصيت ڏني وئي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو روح ٻئي "زنانپ صورت ۾، جن ۾ ٻئي ٻيا اپ ۽ جوانپ" جون حالتون شامل هونديون آهن، ظاهر ٿيندو آهي جيڪڏهن سنهنجي تشريح صحيح آهي، ويلاني ڏيهه ۽ ارسفون سان بلڪل ٺهڪي اچن ٿيون. اسين ڏسي آيا آهيون ته اسڪالنڊ ۽ خاص طرح گائلڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن ۾، آخرين ويڙهه آن" کي ڪڏهن "ٻوڙهي زال" ۽ ڪڏهن "ڪنواري" سڏيندا آهن. هاڻي اسڪالنڊ ۽ ڪي اهڙا ٻيا حصا آهن، جن ۾ لاباري وقت ٻئي، "ٻوڙهي زال (ڪالليچ) ۽ ڪنواري" ڏيهون ويندڙون آهن. انهي" رسم جون روايتون بلڪل صاف ۽ مستقل نوعيت جون ٿا هن، ۽ عام اصول اهو ٿو نظر اچي ته جتي لاباري وقت ويڙهه آن" ماڻ ٻئي، "ٻوڙهي عورت" (ڪالليچ) ۽ "ڪنواري" ڏاهيون ويندڙون آهن، انهي "ڪنواري" انهه سال ماڻ ڏاهي ويندي آهي، جڪي ٻئي" ۽ آخرين وقت تائين چڏيا ويندا آهن ۽ انهي" کي اهو ڪمي ماڻ وٽ رکندو آهي، جنهن جي اسين ڏاڻ اڳ ڏيڻي ويندي آهي، ٻئي طرف "ٻوڙهي زال" ٻن، ڪڏهن ڪڏهن ته ٻارن ويڙهه سان ساڻ ڏاهي ويندي آهي ۽ ان کي باقاعده طور پاسي واري ڪنهن سٺ رفتار ڪمي" ڏاڻهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جو اڳا ڏاڻهن لاباري کي لڳو ٻو هوندو آهي. چنانچه، هرهڪ ڪمي "ڪنواري" کي اڄ جي نوجوان ۽ آباد ڪندڙ روح جي شخصيت طور ماڻ وٽ رکندو آهي ۽ جيترو ئي سگهندو اٿس، اوترو جلد "ٻوڙهي" زال" کي ٻنهنجي ڏاسري" وٽ ٻچالينڊو آهي، اهڙي" طرح، ويچاري ٻوڙهي" عورت کي ڪنهن آرام ڏيندڙ جاء ئي ٻنهنجي معزز مٽي کي آخرين طرح ٽيڪ ڪان اڳ، شايد سڄي ضلعي جي فارمن جو چڪر هٽو ٻوي. جنهن آبادڪار ساڻ هن کي آخرين طرح سڪونت اختيار ڪرڻي ٻولدي آهي، سو يقيناً اهوئي هوندو آهي، جنهن آسپاس جي سڀني ڪمين کان ٻوه ٻنهنجي فصلن جو لاباڙو ٻورو ڪيو هوندو آهي ۽ اهڙي" طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي استقبال ڪرڻ جو اعزاز دشمنيءَ ۾ حد جو معاملو هوندو آهي. هن لاءِ سمجهو ويندو آهي ته هو مفلسيءَ جي مصيبتن جو شڪار ٿيندو يا ورهي ڪيس ايندڙ موسم ۾ "سڄي شهر جي نقدان لاءِ رسد مهيا ڪرڻ" جي مرهون منت ٿيڻو پوندو. ساڳيءَ طرح، اسان ڏٺو ته ايمبروڪ شاعر ۾، جتي ٻوٽن ويجهل آن ڪيو، "ڪنواري" ته، ار "ٻوڙهي ڪوڪ" سڏيو ويندو آهي، انهيءَ ڪيس تمام گهٽيءَ عجلت سان اهڙي ٻاڙهسريءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جو اڃا ڪاڻي ٻڌن ۾ لاباري ڪي لڪو ٻڌو هوندو آهي ؟ جو انهيءَ معمر مهمان جي آجيان خوشيءَ ڪان علاوه ٻي هر هڪ جڏهن سال ڪندو هوندو. "ٻوڙهي زال"، جهڪڏهن گذريل سال جي اناج جي روح جي نمائندگي ڪري ٿي، جيڪا اها شايد هر انهيءَ جاءِ تي ڪري ٿي، جتي جتي ان کي "ڪنواريءَ" کان ممڊز ڪيو وڃي ٿو، ته ان صورت ۾ هيءَ هڪ اطرتي ڪاڪ آهي ته ٻوڙهيءَ جي فرسوده، نازڪ جي مقابلي ۾ سندس ڏيءَ جي ڪاهي متاري جسر ڪي، هڪ ڪڙميءَ جي نظر ۾ زياده جاذبيت ۽ ڪشش هوندي — اها ڏيءَ جنهن ۾ ٻنهنجي واري سان سونهري آن جي ماڻ ڪيو جي آن وقت اميد رکي سگهجي ٿي، جڏهن گردش ڪندڙ سال ۾ موسم خزان آلدي آهي. اناج جي ٽڪل ۽ سندس ماڻ کي ٻن ماڻهن جي سر ۾ هٿي، ڪائنس جان ڇڏائڻ جي خواهش انهن رسمن، خاص طرح هلال مان ڪيل هڪ بدصورت ڪڏي کي ٻاڙهسري ڪڙميءَ جي ٻڌيءَ ڏانهن، جو اڃا ڪاهه ڪاهه ۾ مشغول آهي، منتقل ڪرڻ جي رسم مان، بلڪل عيان ٿي ٿي، جي ڪاهه جي اختتام وقت ادا ڪيون ويندڙ آهن.

لاباري وقت ادا ٿيندڙ رسمون، جن جو اسين هينئر ذڪر ڪري آيا آهيون، بلڪل واضح طور موسم اڀار جي انهن رسمن سان مشابهت رکن ٿيون، جن جو اسين هن ڪتاب جي اڳئين حصي ۾ جائزو ڏئي چڪا آهيون. (۱) جهڙيءَ طرح بهار جي رسمن ۾ ولن جي روح جي نمائندگي، ون ۽ ماڻهو ٻئي ڪڍجي ڪن ٿا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمثل لاهاري جي رسمن ۾ انات جي روح جي نمائندگي هوندي
وڌيڪ سڀني ۾ اهو مانهو کان ٿا، جو ان کي وڏي يا ننڍي يا
ڪاهي ٿو. مانهوءَ جي سڀني سان هڪجهڙائي، کيس سڀني جهڙي
نالي ڏيڻ سان ڏيکاري وڃي ٿي، کيس انهيءَ سڀني ۾ وڙهڻ
سان ڏيکاري وڃي ٿي، ۽ اها هن قانون سان ۾ ڏيکاري وڃي
ٿي، جنهن جي ڪي ڄاڻن ٿي تعميل ڪئي ويندي آهي، ته جڏهن
سڀني ڪي "ماڻ" سڏيو وڃي، تڏهن شادي شده عورتن سان سڀني
کان وڏيڪ معمر عورت کيس انسالي صورت ڏئي، ۽ جڏهن اڻ
ڪي "ڪنواري" سڏيو وڃي، تڏهن کيس ننڍي کان ننڍي ڇوڪري
وڏي. هن حالت ۾ انات جي روح جي شخصي نمائندي جي عمر
خود انات جي روح جي ارضي عمر سان بلڪل اڻڄاڻ طرح لهڪي
ٿي، جهڙيءَ طرح انهن مانهن جي جهان، جي ڪي ڪنهن کي
جا ياڪندا ڪائيءَ جي واڌ ۾ اضافي آڻن لاءِ قربان ڪندا هئا،
ڪائيءَ جي جهان مطابق قرباني گهرڻندي هئي. جو ته ڪوبه
رسم واڪر، ڪنهن کي جي رسم ۾ ان انسان شايد انات جي
روح جا نمائندا ۽ ته آن جي حضور ۾ ڪهڙ ٿيندڙ قرباني جا
ڪرا هوندا هئا. (۲) وري آبادين جي آنهيءَ ساڻي اثر کي، جنهن
لاءِ انهن سمجهيو ويندو آهي ته آن کي وڏ جو روح ڄاڻات، حيوانات
۽ خود عورتن ڏي وڃندو آهي، انات جي روح ڏانهن ۾ منسوب ڪيو
ويندو آهي. جنانچ، ڄاڻات ڏي آن جو ارضي اثر ڪوبهيءَ سڀني
جي ذات (جن ۾ انات جي روح کي باقاعده طور موجود سمجهيو
ويندو آهي) کڻن ۽ انهن کي موسم، هوا ۽ ٻئي آن ۾ جڏهن يا
آن کي ڇڏن ۾ ملائن جي رسم سان ظاهر ٿي ٿو. جانورن ڏي
ان جو اثر ڪوبهيءَ سڀني کي ڏيکي گهوڙيءَ، ڏيکي ڪنوءَ يا
ڪنهن هر ملائن وات گهوڙڻ کي ڏيڻ جي رسم سان واضح ٿي
ٿو. ۽ آخر ۾ عورتن مثال آن جو اثر "ماڻ-سڀني" کي حاصل
عورت جي صورت ۾ ٿا هي، ڪڙميءَ جي عورت کي ڏيڻ جي رسم سان
عيان ٿي ٿو، ساڳيو ئي اثر هن اعتقاد سان ۽ ظاهر ٿي ٿو ته جڏها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت سيتي کاڻ آخرين سٽي ڏڏندي، تنهن کي ڇهي سال ٻار ٿيندو، شايد هن خيال مان ۽ اهوئي اثر ظاهر ٿئي ٿو ته جنهن ماڻهو کي اها "ماڻ-سٽي" ملندي، تنهن جي جلد ئي شادي ٿيندي.

ان ڪري صاف ظاهر آهي ته موسم بهار ۽ لاباري جي وات جي انهن رسمن جو بنياد خيال جي ساڳئين قديم طريقن تي مبني آهي ۽ اهي تاريخي دور کان اڳ واري زماني جي ساڳئي ات ارستاڙ سرشتي جو هڪ حصو آهن، جن تي اسان ڀا اڀا ڏاڏا تاريخي دور جي اڳ قبل کان اڳ، بلاشڪ وڏيءَ عمل ڪندا هئا. ايل از تاريخ واري زماني جي ماڻ ۽ سولن جي نشانڻ متعلق اسين هيٺين تي ڪجهه غور ڪنداسون.

(۱) سالن سولن جي ادائگيءَ لاءِ ماڻهن جو ڪو مخصوص طبقو علحده ڪول رکيو ويو آهي، جن لفظن ۽ جنجي ته پادريءَ جو ڪو وجود ڪوهي، ڪو، ماڻهو، مولهي جي تقاضا مطابق سات سولن ادا ڪري سگهي ٿو.

(۲) سالن سولن جي ادائگيءَ لاءِ ڪي خاص جايون مقرر ڪيل ناهن، جن لفظن ۽ جنجي ته مندرن جو وجود ڪوهي. مولهي ۽ مهل جي تقاضا مطابق، اهي سات ڪنهن به هنڌ ادا ڪري سگهجن ٿا.

(۳) روحن، ۽ ته ديوتائن کي، تسليم ڪيو وڃي ٿو. (الف) ديوتائن جي برخلاف، ارواح انهنجن ڪارڪردگين ۽، فطرت جي مقرر ڪيل الدر محدود ٿيل آهن. سندن تالا عام آهن ۽ ته خاص. سندن اوصاف انفرادي نوعيت جا آهن ۽ عام قسم جا آهن، جن لفظن ۽ هيٺن ڪٿي جنجي ته هر طبقي ۽ لاتعداد ارواح آهن ۽ ڪنهن به طبقي جا سڀ ارد ڪجهڙائي آهن، ڪن ڪا خاص طرح مقرر ڪيل انفراديت ڪانهي، سندن بنياد زندگيءَ ڪارنامن ۽ نوعيت متعلق جي مقبول روايتون مروج ڪيون. (ب) ٻئي طرف ديوتائن، روحن جي برخلاف، فطرت جي ڪن مقرر ٿيل محڪمن الدر محدود ناهن. هي حقيقت آهي ته عام طرح ڪو هڪ اهڙو محڪمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، جنهن لي اهي ٻنهنجي خاص علائقي طور صدارت ڪندا آهن، ۽ اهي انهن هدن الدر، ختي، سان بند ڪيو ويندا آهن، اهي ٻنهنجي ٻڌڪ ۾ بد اثر کي نظرت ۽ زندگي جي گهڻن ٻين شعبن ۾ استعمال ڪندا آهن. وري هي گالهه، آهي ته، ڪين ڏسڻ، پرسڻ ۽ ڏيڻوڻسس جهڙا انفرادي-سماجي خاص ٽالا ٽليل هوندا آهن، ۽ سندن انفرادي نوعيتون ۽ تاريخون مروج ڏاڍڪٽائي ۽ فني مظاهرن ذريعي مقرر ٿيل هوندون آهن.

(۴) سائڪ سون معاهدات هڪ بدران، چاڊوي نوعيت واوا هوندا آهن. ٻن لفظن ۾ چئجي ته، ڪوريل مقصد ڏيوتائي هستين کي اربانيه ڏين، يا سندن پوڄا ۽ تعريف ذريعي ته، ۽ اهڙن ٿوڻن ۽ سائڪ وسيلي حاصل ڪيو ويندو آهي، جي سون آڳ ٿي هن طرح سمجهايا آهن ته انهن لاءِ هي ٻڌن هوندو آهي ته، انهيه سائڪ ۽ ان جي نتيجي جي درمان، جو انهيه سائڪ مان پيدا ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي، طبعي نسبت يا مشابهت ذريعي سڏيه طرح حاصل ڪيا ويندا آهن.

انهن آزمائشن جي بنياد تي هيه نيصلو ڪجي ٿو ته، اساڻ جي اوڙاهي ڪرسن ۽ آباد ڪارن جون ڀوار جي موسر ۽ لاباري جي وٽ وارون رسمون، قبل از تاريخ واري دور جي رسمن جي صف ۾ شامل ٿين جي ٿابل آهن. جو ته، انهن جي ادائگيه لاءِ مالڪن جو ڪو خاص طبقو ۽ ڪي خاص چاڙون مقرر ٿيل ڪينهن، انهن ڪي ڪو، آڻا يا غلام، خاتون يا ڪنيز، چوڪري يا چوڪرو ادا ڪري سگهي ٿو، سندن ادائگي سندن يا ڏيوتن ۽ ته، ۽ ٻڌن ۽ ڪسن جي ڪنارن تي، آن جي ديرن ۽، لاباري وارن ٻنهن ۽، ۽ جڏوڙاڻ جي فرشن تي مڪمل ٿي سگهي ٿي. انهن ۽ جي فوق الفطري هستين جي وجود کي تسليم ڪيو وڃي ٿو، سي ارواح آهن، ۽ ته ڏيوتائون: انهن جا ڪارنامه نظرت جي واضح طور مقرر ٿيل ڪي شعبن تائين محدود آهن، سندن ٽالا "جوڪ - ماڻ"، "اوڙهي - عورت"، "ڪنواري" ۽ ٻيا ڪيترا عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، ۽ ٻ "ڊيموٽر" "پرسيفون" ۽ "ڊينوسس" واڱر خاص. سندن عام خواهون ۽ خصلتون معروف آهن، ۽ سندن انفرادي تاريخون ۽ اصليتون ڏندڪٿائن جو موضوع ناهن. جو ٽي سندن وجود جاءِ ۽ فردن جي حيثيت ۾ قائم آهي ۽ هرهڪ طبقي جا فرد هڪبئي کان ناقابل تميز آهن. مثال طور، هرهڪ ناري کي ٻڌائجي "آن-ماءُ" يا "اوڙهي - عورت" يا "ڪنواري" هوندي آهي، ۽ هڪ "آن - ماءُ" ٻي "آن - ماءُ" جهڙي ئي آهي، ۽ ساڳي طرح "اوڙهون - عورتون" ۽ "ڪنوارون" ۾ هڪبئي جهڙيون ئي آهن. آخر ۾ هي ڳالهه قابل غور آهي ته اڻار جي موسم جي رسمن واڱر، لاڙي جي هيٺن رسمن ۾ ٻ، سائن سوڻ جي نوعيت جادوئي آهي ۽ ٻ، مصالحت آميز. اها حقيقت فصلن لاءِ مينهن ۽ ماڪ حاصل ڪرڻ خاطر "آن - ماءُ" کي درياهه ۾ ٽڻي ڪرڻ جي رسم مان ظاهر آهي، ايندڙ سال ۾ ٻرپور فصل حاصل ڪرڻ لاءِ "اوڙهي - عورت" کي وزلدار ٻڌائن جي رسم مان واضح آهي، ۽ اوڻن "ٻي" مان نڪتل آن کي موسم بهار جي نوڪ فصلن ۽ جنن ۽ جوبالي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ، انهن کي اوڻن "ٻي" ڪارائن جي رسمن مان عيان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چاڪيتاليهون

آن - ماڻ گهڻن ملڪن ۾

۱- آن - ماڻ آمريڪا ۾ : الاڇ ڪي، سڀني ڏيهن جي ماڻ جي شخصيت بخش جو رواج ڪو يورپ جي الدين خواه جديد مالهن تائين مخصوص ڪو رهيو آهي. اهو ساڪيوٽي سڏو سادو نظريو دنيا جي دوردراز علاقن ۾ وسندڙ زرعي اومن جي دماغ ۾ سمايو آهي، جن آڪ ڪي جَوَن ۽ ڪڻڪ ڪان علاوه، الاڇ جي ڪن ٻين ملاسي قسمه ساڻ ٻن واپسته ڪو آهي. يورپ ۾ جڪڏهن "ڪڻڪ - ماڻ" ۽ "جون - ماڻ" موجود آهي، تہ آمريڪا ۾ "مڪائي - ماڻ" ۽ ايسٽ انڊيز ۾ "چاورل - ماڻ" ملي ٿي. الهي شخصيتن جا آڌ ماڻي ڪي مثال ڏيئن ڪنس ۽ ان باري ۾ آ آمريڪي شخصيت ساڻ ابتدا ڪريان ٿو.

اسان ڏٺو آهي تہ يورپي باشندن ۾ لاباري جي ٻولين سڀي جي جوڙي والڪر ڪيترائي ٻوليون، يا آن ماڻ ناهيل ڳڏي ڪي، هڪ لاباري ڪاڪ وڏي ٻڌي تائين محفوظ رکڻ جي عام رسم آهي. الهي رسم جو مقصد، بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، الاڇ جي روح جي نمائندگي ڪري محفوظ رکي، خود روح ڪي هڪ مقصد ساڻ سڃي سال جي دوران ۾ زنده ۽ چست و چاڪ رکڻ جو آهي يا دراصل هن تہ جنهن آن وڏي ۽ نصل پلا ٿيڻ. الهي رسم جي تشريح قديم اديو جي باشندن جي ساڪي ٿي رسم ڪي، اوصورت، امڪان جي حد الدر اچائي ٿي، جنهن جو اسين جي الدين تاريخ نويس، الڪاسٽا، هن طرح بيان ڪيو آهي:

"هتي جي ٻنهي ۾ جڪا مڪائي آيرلدي آهي، تنهن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سپ کان زياده آباد حصو ٿيو، کي ساڻ ۽ سگهه ڪري، هڪ خاص دوري ۾ وڪندا آهن، جنهن کي اهي 'هيروئا' سڏيندا آهن ۽ اڄ جي ٿي رائبون چوڪسي ڪندا آهن، اهي هو انهيءَ ڪائيءَ کي زياده کان زياده ليمتي ڪپڙن ۾ وڙهيندا آهن، جي وٽن موجود هوندا آهن، ۽ امڙيءَ طرح مايوس ٿيل 'هيروئا' جي اهي ڀوڳا ڪندا آهن ۽ ڪيس وڏي احترام جي نگاهن سان ڏسندا آهن، اهي چوندا آهن ته اها ڪهڙي ۾ ملڪ ڪائيءَ جي ماڻهو آهي ؟ انهيءَ طريقي سان ڪائي وڌندي ويجهندي ۽ محفوظ رهندي آئي آهي. انهيءَ مهيني ۾ (جو چوڻ مهينو هوندو آهي ؟ مڙي مهيني سان ٿيڪندو آهي) اهي هڪ خاص اربائي ڪندا آهن ۽ ڏاڙهون انهيءَ "هيروئا" کان دريافت ڪنديون آهن ته ڇا وٽس ايتري طاقت رهيل آهي، جا ايندڙ سال تائين ڪائي رهندي، ۽ جيڪڏهن اها ناڪاري جواب ڏيندي آهي ته، ٻيو هرهڪ ماڻهو، پنهنجيءَ پنهنجيءَ طاقت آهر، انهيءَ ڪائيءَ کي انهيءَ ٻنيءَ ڏانهن ساڙڻ لاءِ واپس ڪٽي ويندو آهي، جتان اها آڻي هوڏي آهي. ٻيو اهي ساڳئن سائق سان هڪ ٻيو "هيروئا" ٺاهيندا آهن ۽ هيءَ چوندا آهن ته، اهي ان کي هن ڪري دوباره تعمير ڪري رهيا آهن ته جيئن "ڪائيءَ" جو بچ نه سڙي، ۽ جيڪڏهن اها جواب ڏيندي آهي ته، وٽس ايتري قوت آهي، جو اها زياده ڊگهي عرصي تائين جيئڻ ڪندي، ته ٻيو اهي ڪيس ايندڙ سال تائين چڏي ڏيندا آهن. اها احتياط تماڻس اڄ ڏينهن تائين هلندي ٻڌي اچي ۽ (ڪاڙهن) هندستانين ۾ اهڙي 'هيروئا' هڻن جي عام جام رسم آهي."

انهيءَ رسم جي هن بيان ۾ ڪجهه غلطي معلوم ٿي رهي آهي. ممڪن آهي ته ٻيروءَ جا ماڻهو ڪائيءَ جي مايوس ٿيڻ جي ڀوڳا ڪندا هجن ۽ نه آن جي دوري (هيروئا) جي، ۽ هو انهيءَ ٿيڻ کي "ڪائيءَ جي ماڻ" سمجهندا هجن. ٻيروءَ وارڻ جي انهيءَ رسم متعلق، اسان کي هڪ ٻئي ذريعي مان جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات حاصل ٿي آهي، تنهن ماڻ هن خيال جي تصديق ٿي آهي. جيو وجي ٿو ته "پيرو" جي باشندن جو اعتقاد هو ته سڀني ڪار آمد شين ۾ خدائي هستي هلائي رهي آهي، جا ڪن جمالي ۽ وڏائي ٿي. هر مخصوص شيءِ مطابق، الهن خدائي هستين کي "مڪائي - ماڻ" (زارا - ماڻ)، * "ڪئنوئا - ماڻ" (ڪئنوئا - ماما) + "ڪوڪوئا - ماڻ" (ڪوڪا - ماما) ۽ "ٻٽالي - ماڻ" (الڪسو - ماما) سڏيو ويندو آهي. الهن خدائي ماڻرن جا مجسما علي الترتيب مڪائي جي منگن ۽ ڪئنوئا ۽ ڪوڪا شين جي ٻن ماڻ ناهيا ويندا هئا، ڪن ٻالا ڪيڙا ٻوڙائي، سندن پوڄا ڪئي ويندي هئي. چنانچ، "مڪائي - ماڻ" جي نمائندگي هڪ اڌرو ڪنڊو ڪندو هو، جو مڪائي جي ڪاٺ ماڻ ناهيو ويندو هو ۽ ڪوس مڪمل ٻالا ڪيڙا ڏڪايا ويندا هئا، ۽ هندستانين جو اعتقاد هو ته "ماڻ" جي حويليءَ ۾ ڪيس ٻڌا ڪرڻ ۽ ڪهڻي "مڪائي" کي جنم ڏيڻ جي ڏوت هئي." ان ڪري الديشو آهي ته انڪاسٽا ٻڌندڙ مخبر کي شايد غلط سمجهيو هجي ۽ جنهن "مڪائي - ماڻ" جو هو ذڪر ڪري ٿو، سا ديرو (پيرو) نه پر مڪائي جو اهو مجسمو هجي، جنهن کي ٿوٿي ڪيڙا پارايا ويندا هئا. پيرو جي "مڪائي - ماڻ" کي نه، بالڪل ٻئي "لاباري واري" ڪنواري" والكر هن مقصد سان هڪ سال لاءِ محفوظ ڪري رکيو ويندو هو ته جنهن سندس ذريعي آڪ وڏي ۽ وڇوئي ۽ وڏو ٿئي. ۽ هن لاءِ ته متان سندس طاقت ٻئي سال جي لاباري تائين ڏسڪ نه جهلي سگهي، هن ڪاڻ سال جي دوران ۾ ئي ڇوهو ويندو هو ته سندس طبيعت ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن هو" جواب ڏيندي هئي ته هو" ڪمزوري محسوس ڪري رهي آهي ته ڪيس ساڙي، هن مقصد سان تازي "مڪائي - ماڻ" تيار ڪئي ويندي هئي ته "مڪائي"

* ڏکڻ آمريڪا ۾ خاص طرح پيرو جي علائقي جو هڪ اناج، جنهن جي دانڻ کي باهه تي سيکي، ماڻيون ۾ ڪيڪ پچايا ويندا آهن.

+ ٻيٽ جي اها شيءِ جنهن کي الهوه سڏيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بيڄ هميشه لاءِ ماڻس ۾ ٿي وڃي." هن جاءِ تي، هي" ڪاوڪ، قابل ذڪر آهي ته ديوتا کي موسمي طور، ڪاهه ڪاهي، قتل ڪرڻ جي رسم جيڪا سمجهاڻي اڳي ٿي ڏاڍي وڌي آهي، تنهن جي متعلق زاردست تصديق ملي رهي آهي. دستور مطابق، "مڪائي-ماڻ" کي هڪ سال تائين جيئرو رهڻ ڏيو ويندو هو، جو الهي" عرصي جي دوران ۾ هي" توانع رواجي طرح رکي سگهي هئي ته سندس لوٽ بناڪ ڪنهن ڪهتنائي" جي، باقاعده طور جڏ" ڪري سگهندي، ۽ جيڪڏهن سندس طاقت ۽ ٽوري" ڪمي" جي علامت ظاهر ٿيندي هئي، ته کيس هڪدم موت جو مزو چکايو ويندو هو ۽ سندس جاءِ هڪ تازي ۽ طاقتور "مڪائي" ماڻ" اچي والاريندي هئي، ته ڪنهن مڪائي، جنهن جي وجود ۽ بقا جو سڄو دارومدار الهي" "ماڻ" جي مڃڻ ٿي هو، سڪي ۽ سڙي، ماڻس ٿي وڃي.

۲- ايسٽ انڊيز ۾ "چاڏورن-ماڻ": اسان جي ياد گيري" واري زماني ۾ ڏورانهين ڪڙمن جيڪي لاباري وارنهن رسمون ادا ڪنديون آهن، تن جي معنيٰ ۽ مفهوم متعلق اڃڪندڙ جي دل ۾ اڃا ڪي شڪ شبها باقي رهيل آهن، ته هوءَ الهن رسمن جي ايسٽ انڊيز جي "مثلي" ۽ "ڏياڪ" سان وارن جي رسمن سان، جي اهي چالورن جي لاباري وقت ادا ڪندا آهن، مشابهت ڪرڻ سان اهي شڪ شايد دور ٿي ويندا. جو ته اسان جي آباد ڪار طبقي واڪر اهي مشرقي قومون ۽، دماغي ارتقا جي الهي" منزل ڪاڪ اڪٽ. ڪول وڏيون آهن، جتي الهن رسمن جنم ورتو. الهن جا نظريا ۽ سندن عمل اڃا تائين هڪجهي سان ملندا آهن، الهن قومن لاءِ اهي عجيب و غريب ساڪ سوڻ، جي يورپ ۽ گهڻي زماني کان وٺي باقي وڃي عهد قديم جي پوسيده يادگار طور اڇا آهن ۽ جن هن وقت مسخرن لاءِ وڏو ۽ عالمن لاءِ ڪجهارت جي حيثيت اختيار ڪئي آهي، اڃا تائين جيئرون جاڪندون حقيقتون آهن، جن جي متعلق اهي قابل فهم ۽ سڄو حساب ڪتاب ڏيڻ سگهون ٿيون. چنانچه، ممڪن آهي ته چالورن متعلق سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتقادن ۽ رسم و رواج جو مطالعو، تدهن ٿيندو ته جديد يورپ جي آن وارن رسمن ۽ سائن سوڻن جي اصلي معنيٰ ۽ مڪمل روشني وجهي سگهجي.

هاڻي، "مثلي" ۽ "ڏياڪ" نسلن وارا جانورن جي متعلق جيڪي ٻ رسمون، رواج، سات ۽ سوڻ ادا ڪندا آهن، تن ۾ٿي جو بنياد هن سڌي ۽ سادي نظريي تي اٻڌل آهي ته جانورن ۾ ٻ اهڙو ئي روح سمايل آهي جهڙو، انسانذات ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. اهي لومڙن جانورن جي پيدائش ۽ واڌ، سندن ڪومائجڻ ۽ موت جي سڄي سلسلي کي انهن ئي اصولن جي بنياد تي سمجهائيندڙن آهن، جن ۾ اهي مالڪن جي ساڳئي سلسلي کي سمجهائيندڙن آهن. هو سمجهندا آهن ته مالڪ واڪر ٻوٽي جي تاروپود ۾ ڪو هڪ اهڙو طاقتور ۽ اهم عنصر آهي، جو ٻوٽي کان ايترقدر آزاد ۽ خود مختار آهي، جو اهو ڪجهه ولڻ لاءِ بغير مهلڪ اثر جي ڊپ ڏاه جي، ٻوٽي کان مڪمل طور عليحدگي اختيار ڪري سگهي ٿو، حالانڪ جيڪڏهن ان جي غير حاضري ڪن خاص حدن کان زياده طويل ٿي ٿوليدي، ته وڻ اهو ٻوٽو ڪومائجي ويندو ۽ مري ويندو. اهو طاقتور، حالانڪ قابل عليحدگي عنصر، اها شيءِ آهي، جنهن کي اسين ڪنهن ٻئي بهتر لفظ جي عدم موجودگيءَ ۾، ٻڪ اهڙيءَ طرح ٻوٽي جو ڪٿي روح ڪوٺيون، جهڙيءَ طرح هڪ اهڙي ئي طاقتور ۽ قابل عليحدگي عنصر کي عام طرح انسان جو روح تصور ڪيو ويو آهي، ۽ مختلف آڻن جي اوڃا جو سڄو مرشتو ٻوٽي جي روح جي الهيءَ نظريي يا ڏندڪتا تي بلڪل اهڙيءَ طرح ٻڌل آهي، جهڙيءَ طرح انساني روح جي نظريي يا ڏندڪتا تي اهل ۽ مات جي اوڃا جي سڄي ساري شرشتي جو بنياد ٻڌل آهي— اها هڪ اهڙي بلند و بالا ۽ عاليشان عمارت آهي، جا انتهائي ڪمزور ۽ نازڪ بنياد تي اٻڌل آهي.

هن اعتقاد سبب، ته جانورن کي مالڪ واڪر هڪ روح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائي رهيو آهي، انڊوليشيا جا باشندا، فطرتي طور، آن جي اڳيان
ڏي عزت ۽ احترام ڪندا آهن، جڏهن اهي ٻڌندا آهن، ته مالهن
جي ڪندا آهن. چنانچ، آهي ڪنڊ جانورن سان آهائي هلڪ
ڪندا آهن، جڏهن هڪ حامل عورت سان، ٻئي ۽ ٻنڊڻ ڇوڙڻ
يا بلند آواز ڪرڻ کان هن ڪري پرهيز ڪندا آهن،
ته متان اهي جانورن جي روح کي اڳڙ ڏيڻائي ڇڏين، جو اهو
آن ڏ ڇوليو ۽ وقت کان اڳي ئي آن ڪهرائي ڇڏي، ۽ ساڳئي سبب
ڪري اهي جانورن جي ٻئي ۽ ايهي، مڙدن ۽ پوڻ جو ذڪر
ڏ ڪندا آهن. ازالسواء، اهي ڪنڊ جانورن کي مختلف قسمن
جون اڳڙيون غذائون کارائيندا آهن، جي ٻار واري عورت لاء
ضروري ۽ طالت بخشيندڙ سمجهيون ويندڙون آهن، ۽ جڏهن
جانورن جا سنگ اڃا ڪٽڻ سان لڳندا آهن، تڏهن کان ئي انهن
کي معصوم ٻارن والگر ڏئو ويندو آهي ۽ زالون ٻين ۽ ڇوڪر
هٽندڙن سنگن کي جانورن جي ارم ايڇي کارائيندڙون ويندڙون آهن،
جن ته، اهي سنگ کي انساني ٻار آهن. آن ٻيدا ڪندڙ ٻوڙي جي
چٽيندڙ عورت سان، ۽ ڪڇي آن جي معصوم ٻار سان اڳڙن ڏ ورائي ۽
ڪليل مشابهتن ۽ اسان کي ساڳئي نوعيت واري هوائي تصور
جي "آن - ماڊ" ۽ "آن - ڏي" ڏيڻ ۽ ارسيفوڻ جي بنياد جي
جاچ ڇوچ ڪرڻي آهي ته ۽ جيڪڏهن جانورن جي ڏڇڻ ڏالي
روح کي فقط وڏڻ آوازن سان ڏيڇائي، سندس اسقاط حمل ڪري
سگهجي ٿو، ته پوء هي تصور ڪرڻ آسان آهي ته لاباري وقت،
جڏهن ماڻهو ڪمن ڏالڻي سان وڏڻ جي انسوسناڪ ضرورت محسوس
ڪندا آهن، سندس جذبات ڪوڙا هوندا. اڳڙي نازڪ موسم
وات لاباري لٽڻ جي ضروري جراحي فعل کي جيترقدر سمڪ ئي
سگهي، اوڙي ڏ ڏ غير انسانن ۽ ٻي درد ٻاڻڻ لاء هراسي جو
حفاظتي قدم کڻڻ ضروري آهي. انهي سبب ڪري ٻج وارڻ جانورن
جو لاباڙو خاص قسم جي اڳڙ جاڻ سان ڪيو ويندو آهي،
جن جا ڏ لٽڻ وارڻ جي هٽڻ ۽ پوشيده رهندا آهن ۽ آهي جانورن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح کي ڏسڻ ۽ ڏيڃائيندا آهن، جيڪي ماڻهو آخرين گهڙيءَ تائين، آن جو مٽو (سنگ)، ڪنهن خبر ٻوڙ کان اڳي ئي، وڃي ويندو آهي، ۽ اهڙي ئي نزاڪت واري سبب ڪري، ٻنهي ۽ لاءِ ڪنڊڙ هاري هڪ خاص قسم جي اهڙي ٻولي استعمال ڪندا آهن، جنهن لاءِ ڪين هي آميه هوادي آهي ته اها جانورن جي روح کي سمجهڻ ۽ ڪالهه ايندي، ان لاءِ ته، جيئن ڪيئن هن ڪالهه، جو ڏسڻ کي ڇاڪاڻ يا ڪو اشارو ۽ ملي ته ڇا وهي وارو رهيو آهي، جيڪي جانورن جا مٿا سلامتيءَ سان ٽوڪري ۽ جمع ڪري وڃن.

الدولهشيا جون جيڪي قومون جانورن کي اهڙيءَ طرح شخصيت بخشيندڙ آهن، تن ۾ ماڻهو اسوهه مرڪزي ٻوراڙو جي "ڪلياڻ" يا "ٻهالو" قبيلن کي مثال طور وٺون ٿا، جانورن جي هٿ مان ٽرڪي ويندڙ روح کي ڪنڊ ۾ ٻاڻ وٽ مضبوط رکڻ لاءِ "ڪاياڻ" قبيلي وارا مختلف لفظن جون ترڪيبون استعمال ڪندا آهن. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي اوزار ڪتب آڻندا ويندا آهن، تن ۾ هڪ انڊڙي ڏاڪڻ، هڪ انڊڙي ڏاڪ لٺ ۽ لوهه جي خاردار تار، ڪنڊ ۽ ڏورانهن ماڻهن ۾ ٽوڪرو شامل هوندا آهن. ٻوڃارڻ انڊڙيءَ لٺ سان جانورن جي روح کي ڏڪرا ڪهاڻي، ڏاڪڻ تي لاهيندي آهي، جتي اهو خطرناڪ طور لوهه جي خاردار تار، ڪنڊ ۽ ڏاڪي ۾ قاصي ٻوادو آهي، اهڙيءَ طرح هوءَ روح کي قابو ڪري، جانورن جي گدام ڏانهن ڪڍي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن بانس جي ٽڪڙن مان ٺهيل صندوق ۽ هڪ جاري ساڪڻي مقصد لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ ايندڙ سال لاءِ پراور فصل جي خاطري ڪرڻ لاءِ، ۽ فقط گدام ۾ سلامتيءَ سان ذهيري ڪيل جانورن جي روح کي ٻاڻ وٽ روڪڻ ضروري آهي، ۽ انهن سيني جانورن جي روح کي ان، جڪي زمين تي ڪرڻ يا هرڻن، ٻالدرڻ ۽ سوارڻ مٿان ڪاڃ سوٽ ڪر ٿي وڃن، ٻاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ ۽ ڪيس ڪولي لهڻ اوڏي قدر ضروري آهي. ان لاءِ ٻادرين مختلف قسم جا اوزار ايجاد ڪيا آهن. انهن اوزارن منجهان هڪ مثال طور، بانس جي ٽڪڙ مان ٺهيل هڪ ارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، جنهن کي ڪنهن سوبدارن جي ڪائي" مان ڏيل چار ڪنڊا لڳل هوندا آهن، جن جي ذريعي چالورن جي غير حاضر روح کي ڏاسائي انهي" ارٿ ۾ واپس آڻي سگهبو آهي، جنهن کان اوه انهي" ارٿ کي گهر ۾ ٽڪاءِ ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ساڪي ٽي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سوبدارن جي ڪائي" مان اکر ۽ ٻ هٿ استعمال ڪيا ويندا آهن، ۽ جڏهن ۽ "ڪاپان" ٽيبلي وارڻ جي گهرايو زالن مان ڪا هڪ گهر جي استعمال لاءِ گدام مان ان کڻڻ ويندي آهي، تڏهن ڪيس گدام ۾ ايل چالورن جي روحن کي اڪ ۾ راضي ڪرڻو هوندو آهي، ۽ متان اهي ٻڌنجي مال جي ڏرجي وڃن سبب ناراض ٿين.

اڳتا جي "ڪٽرن" ٽيبلي وارا ان چالورن جي روح کي، فصل کي پلي ڪرڻ خاطر، هٿ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندا آهن. جيڪڏهن چالورن جي ٻي پلي ۽ ٽيندي آهي، ۽ اهي سمجهندا آهن ته چالورن جي روح (ڪيلاه) کي ڪنهن ۽ ڪنهن نموني چالورن ۾ اڃ کان روڪيو ويو آهي. جيڪڏهن روح کي واپس ۽ ٿو ڪوئي سگهجي ته اوه فصل ناس ٿيندو. چالورن جي "ڪيلاه" (روح) کي واپس ڪرڻ لاءِ هيٺيون عمل اڙهيو ويندو آهي: "اچ، اي چالورن جا ڪيلاه، اچ! ٻني" ڏانهن اچ. چالورن ڏانهن اچ. هرهڪ جنس جي اچ سان گڏ اچ. اچ 'ڪو' درياه طرفان، اچ 'ڪا' درياه طرفان، جتي اهي ٻڌي ماڻ ٿا، اتان اچ. مغرب کان اچ، مشرق کان اچ. ڪي" جي گلي مان، بالدر جي ٻيٽ وڃان، مالي" جي گلي مان، درياهن جي ڪرڻ وارڻ هنڌ مان ۽ انهن جي ڏنهن مان اچ. "شان" ۽ "ارمه" جي ملڪ مان اچ. ايران جي بادشاهين مان اچ. سيني گدامن مان اچ. او چالورن جا "ڪيلاه"، (روح) چالورن ڏانهن اچ."

اساه جي پوراڻي آبادگارن جي "آل-ماڻ" جي هنسر، سماترا ٻيٽ جي "منانگ ڪاپار" ٽيبلي وارڻ جي "چالورن-ماڻ" ۾ ملي ٿي. "منانگ ڪاپار" ٽيبلي وارا چالورن مان هڪ روح کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يقيني طور واسطو ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي هي" ڏوهي
ٿ ڪندا آهن ته دستور موجب هٿ سان چڙهل جانورن جي لذت
ڪارڻ ۽ چڙهل جانورن کان بهتر ٿئي ٿي، جو ته ڪارڻ
۽ جانورن جو جسم ابتر قدر ته، پڇي ۽ ڏري ٿي، جو آڻهه
ماڻ روح فرار ٿي وڃي ٿو. جاوا جي باشندن وانگر آهي ۽ انهن
سمجهندا آهن ته جانور "سانگ ساري" نالي هڪ ڏوهي" جي
خاص حفاظت هيٺ رهن ٿا، جنهن کي جانورن جي ٻولي سان
امڙي قرابي رشتي ۽ ڪنڌيل سمجهيو وڃي ٿو. جو جانورن کي
گهٽو ڪري انهي" ڏوهي" جي نالي سان ٿي انهن سڏيو ويندو
آهي، جيڪن روسي باشندا اناج کي ميرس سڏين ٿا. خاص طرح،
"سانگ ساري" ڏوهي" جي لماڻڪ "البرڻيا ٻڌي" نالي کي
ڪالا يا آڪ" جا ڏاڏا ڪندا آهن، جن جي لفظي معنيٰ "جانورن
جي ماڻ" آهي ۽ اهو نالو عام طرح خود محافظ روح" کي ڏيو
ويندو آهي. اها نالو نهاد "جانورن جي ماڻ" متعدد رسمن جي
ادائگي" جو سبب هوندي آهي، جي جانورن جي ٻوکن، لٽن ۽
گدام ۽ محفوظ ڪري رکن جي موقعي تي ادا ڪيون ويندون
آهن. جانورن جو بچ جڏهن زمين ۽ ٻوکيڻ وارو هوندو آهي، تڏهن
ٻوک جي سيلابي رشتي تحت بچن کي روڪڻ کان اڳ باقاعده طور
ڪجهه قدر آرڻ ڏيو ويندو آهي، انهي "جانورن - ماڻ" کي ناهن
لاءِ اهتران بچن کي منتخب ڪيو ويندو آهي. جونڊيل بچن کي
باري" جي وچ ۾ ٻوکيو ويندو آهي ۽ باقي رواجي بچ انهن جي
جوڙاري ٻوکيا ويندا آهن. "جانورن - ماڻ" جي حالت جو جانورن
جي واڌ تي گهڻي کان گهٽو اثر سمجهيو ويندو آهي، جوڪڏهن
اها ڪوساڻجي يا سڪي ويندي، ته ان جي نتيجي طور لاچارو
خراب ٿيندو. جيڪا عورت *"ارسري" ۽ جانور ٻوکيندي آهي،
سا پنهنجا وار ڪولي ڇڏيندي آهي ۽ بعد ۾ وهنجندي آهي، جو ته

* اها باري، جنهن ۾ جانورن جو بچ ابتدائي طور بي ترتيب ٻوکيو
ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ عمل کي پروير لاءِ حاصل ڪرڻ جو خاطريءَ ڪرڻ جو هڪ وسيلو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن جانورن جي روايي جو وقت اينڊو آهي، اڏهن "جانورن - ماڻ" کي ٻنيءَ جي عين وچ ۾ هڪ ڇڊا ڪنڊ ۽ خاص جاءِ ملندي آهي. ۽ ان کي اندر داخل ڪرڻ وقت هيءَ دعا يا منتر پڙهيو ويندو آهي:

"اي سالنگ ساري، شل جانورن جي هڪ ڪاليڙيءَ ماڻ جانورن جو هڪ ٽوڙي، ۽ هڪ ٻاڙ ماڻ جانورن جو پرهل ٽوڪرو ملي، شل ٽون نه وچ ڪاڻ ڏجين ۽ نه راهگير ڪاڻ، شل سڄ جي روشنائي ٽوکي خوش رکي، شل اٿهنجو طوفان ساڻ صلح رهي، ۽ مينهن ٽٻهنجي منهن ڏوڻ جي هنڌ سر انجام ڪري!" جانورن جي وڏڻ جي دوران ۽ اهو مخصوص ٿيو، جنهن کي اهڙيءَ طرح خود "جانورن - ماڻ" سمجهيو ويو هو، سو نظرن کان غائب ٿي ويندو آهي، ۽ لاءِ کان ٻشتر، هڪ ٻي "جانورن - ماڻ" ڪوليءَ ڪيڙي ويندي آهي. جڏهن اصل ٻچي راس ٿيندو آهي ۽ لاءِ لاءِ تيار هوندو آهي، تڏهن سڄي ڪٽنب جي وڏي ۽ وڏي عورت يا جادوگر ان کي ڪولن ويندو آهي. اڻ وقت هوا جي جهوٽي ۽ جهڪي ٻهڪان کانا ڇهڪندا آهن، سي "جانورن - ماڻ" هوندا آهن ۽ انهن کي نشان لاءِ هڪٻئي ساڻ ڳڏي ٻڌو ويندو آهي، ۽ انهن کان کي تسيع نه وڌيو ويندو آهي، جيسين ٻنيءَ جي ٻهرئين پيداوار آباد گار جي خاندان ۽ سندس دوستن کان ولي ويندي سندس ٻالڻ ۽ گهرلو ڏورن ۽ ڏڪن جي دعوت لاءِ اڪ ۽ گهر نه ويتي هوندي آهي. جو ته "سالنگ ساري" ڏوڻيءَ جي اها ڏي سرضي هوندي آهي ته جانور ۽ سندس سڀئي تحفن ۽ شامل ٿين. جڏهن طعام کاڄي چڪندو آهي، تڏهن پيڪدار ڪڙن ۽ ماڻهون، چند ماڻهو "جانورن - ماڻ" کي ٽٽي گهر ڪٽي اينڊا آهن، جي ان کي ڏاڍي احتياط ساڻ هڪ صاف ٽيل ڪوليءَ ۽ وڌي، جنيءَ هيٺان جهلي گدام ڏانهن ڪٽي ويندا آهن، جتي ڪيس جاءِ جي عين وچ ۾ رکيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي سامين جا "ٽوموري" ابتدائي وارا، جڏهن جانورن جي هوڪ شروع ڪرڻ وارا هوندا آهن، تڏهن اهي الهڻ روحن کي نڏرائي پيش ڪرڻ لاءِ جي جانورن جي هوڪ کي وڌائيندا آهن، ڪجهه سوارين دفن ڪندا آهن. الهيءَ هنڌ جي چوڌاري جيڪي جانور هوڪيا ويندا آهن، سي لاباري وقت سيتي کان اڳ لٽيا ويندو آهي. لاباري جي شروعات وقت، الهيءَ ٽڪر ۽ هوڪيل جانورن جي ڪائڙن کي ملائي هڪئي ساڻ گڏ ستيءَ جي صورت ۾ ٻڌو ويندو آهي، جنهن کي "جانورن- ماڻ" (الينو پائي) سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي خدمت ۾ جانورن، ايکيءَ جي جوري، آلن ۽ ٻين شين جي صورت ۾ نذر ۽ نياز آڻي، ستدس سامهون رکيو ويندو آهي. جڏهن الهيءَ ماڻ ٻيا سڀ جانور لڄي ويندا آهن، "نڏهن 'جانورن- ماڻ'" کي وڌيو ويندو آهي، جنهن کان اڳ ڪيس باعزت طريقي سان جانورن جي گدام ڏانهن لنيون ويندو آهي، جتي آن کي زمين تي رکي بالي ٻون سڀ سٽيون مٽائيش ڏيو ڪري رکيون ويندڻون آهن. اسان کي بڌايو ويو آهي ته "ٽوموري" ٻولي وارا "جانورن- ماڻ" کي "اومونگا" ڪالي جانورن جي روح جي خدمت ۾، جو جنڊ ۽ رهندو آهي، هڪ خاص نڏرانو تصور ڪندا آهن. جڪڏهن الهيءَ روح کي عزت ماڻ ڏيڻ اڇو آهي، ڇڙوڪ، جڪڏهن گدام مان جانور آلوندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي شريفانه ڪپڙا ڏيڪاري ته هوندا آهن، ته هو سالس ڪاوڙجي ويندو آهي ۽ گنهگار کي سزا ڏيڻ لاءِ هو الهڻ جانورن کان ٻڌا جانور پاڻ کائي ويندو آهي، جيڪا متعلقه ماڻهو گدام ماڻ ڪڍيا هوندا آهن. ڪن ماڻهن ته جانورن جي الهيءَ روح کي گدام اندر جانورن کڙڪالڻ وقت ٻڌڻ جي چٽيندي ۽ ٻڌو آهي. ٻئي طرف، مرڪزي سامين جي 'تورادجا' ٻولي وارا، جي ان لاباري وقت "جانورن- ماڻ" جي رسم ادا ڪندا آهن، ڪيس سڄي لاباري جي حقيقي ماڻ سمجهندا آهن ۽ ان ڪري ڪيس نهايت خبرداريءَ سان رکندا آهن ته متان سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عدم موجود گيءَ ۾ گدام اندر محفوظ رکيل جانورن جو سڄو ذخيرو ڪهڙجي، غائب ٿي وڃي.

وري، جيئن اسڪالشپ ۾ الاڄ جي ٻوڙهي ۽ نوڄوان روح جي نمائندگي علي الترتيب "ٻوڙهي زال" (ڪنڀج) ۽ "ڪنواري" ڇوڪري ڪندا آهن، تيئن ملايا جي اديبت ۾، امان کي اڻين نظر اڄي ٿو ٿئي، لاهاري واريءَ پٽيءَ ٿي "جانورن - ماءُ" ۽ سندس پار جي نمائندگي سنگن جون مختلف سٽيون يا انهن جا نبل ڪن ٿا. جانورن جي "روح کي ويڙ" ۽ ان کي گهر آڻ جي رسم جي ادائگي مسٽر ڊبليو. ڊبليو. اسڪيٽ سيلانگور رياست جي چوڏوئين مقام وٽ اکين مان ڏٺي هئي. جانورن جي ڪائڙن جو اهو سڄو، جنهن کي جانورن جي "روح جي ماءُ" جو ڪردار ادا ڪرڻو هو، سو اڪ ۾ ٿي ڪوليو ويو هو ۽ ڪيس ڪي خاص نشانن يا سنگن جي مخصوص صورت ذريعي شناخت ڪيو ويو هو. ٻوءِ ليبلي جي هڪ ٻوڙهيءَ جادوگرياليءَ انهيءَ سڄي مان ستن سنگن جو هڪ نندو نبل ڏاڍيءَ سنڀاڳيءَ ساڻ ويڙي جدا ڪيو. سنگن کي سرهي تيل سان خوشبودار ڪيو، انهن جي چوڌاري رنگارنگي ڏاڻو ويڙهيو، ڪين ڏوپ ۽ واس ڏنو ۽ آخر ۾ انهن سنگن کي اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي، ڪين ابضوي شڪل جي هڪ نندي ٽوڪري ۾ بند ڪري رکي ڇڏيو. اهي ست سنگ جانورن جو "معصوم روح" هٿ ۾ نندڙو ٽوڪرو، سندس ٻنگهو. هڪ ٻي عورت ان کي ڪڙميءَ جي گهر کڻي وئي، جنهن تازڪ معصوم کي سڄ جي گرم ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ، ان جي مٿان چٽي ڪولي ڇڏي. ڇڏڻ اڳ گهر ويتي، لڏهن گهر جي سينهن عورتن "جانورن-ٻار" جي آڇياڪ ڪئي ۽ اهو سڄو سازوسامان، جنهن ۾ ٻنگهو به شامل هو، سڀني واري ٿهن لڏي تي کڻي رکيائون، جنهن جي مٿي واري طرف کان وهاڻا رکيل هٿا. ان کان پوءِ ڪڙميءَ جي زال کي ٽن ڏينهن تائين پرهيز جي ڪن قانون جي پوئواري ڪرڻ جون هدايتون ڪيون ويئون، اهي قانون گهڻين صورتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن قانونن جھڙا هئا، جن ڪي هڪ ناري وياهيل عورت سڄي
ڄمي ڄار جي جمن کان ٻوءِ ڏينهن تائين عمل ڪندي آهي.
ڏينهن جاول "جالور- ٻار" جي جڪا ٻار پرچي سار سنڀار لڏي
ويندي آهي، تنهنجي ڪجھ حصي جيتري سنڀال، بلڪل قدرتي
طور، سندس والدي يعني کانئن جي آهي ۽ سڄي جي ۽ ڪٽي
ويندي آهي، جنهن جي جسم مان "ٻار" کي ڪيو ويو هو.
انهيءَ سڄي کي جو، "جالورن جي روح" کي ڪٽي وڃڻ ۽ ڪيس
ستري داخل ڪرڻ کان ٻوءِ، ٻيءَ ۽ ٻئو رهندو آهي، تنهن کي هڪ
ڏينهن وياهيل عورت واگر سنڀاليو ويندو آهي، يعني ڪن خاص وڻن جي
ڪڙن جوڙن کي سنهو ڪڻي، هر شام جو مسلسل ڏينهن تائين
هوا ۾ منتشر ڪيو ويندو آهي ۽ جڏهن ڏينهن پورا ٿيندا آهن،
تڏهن ناريل جو ڇپ ڪٽي، ان کي هڪ قسم جي گلن سان ملائي،
جن کي "ٻکري- گل" سڏيو ويندو آهي، ٻوءِ انهيءَ مرکب کي
ڪنڌ سان ملائي، ڪاڻ ۽ رکي رکي منجھاڻس ڏورو ڏورو ڏوکاري،
جالورڻ تي اڇلائي. ساڳيءَ طرح، سڄي ڄمي ويهن ڪاڻ ٻوءِ،
"جنڪ- اروٽ" نالي هڪ ميوي، گلاب- صوف، کيان جي ڪن
قسمن ۽ ڪجن ناريلن جي سنهي ڇپ کي، سڪيءَ ڇڻيءَ، لوڻ،
تيزاب، مصالحن ۽ اڻڙان ٻين لڦس شين سان ملائي، هڪ قسم
جو ڪڇوهر ناهيو ويندو آهي، جو ماڻ ۽ ٻار کي مسلسل ڏينهن تائين کارايو ويندو آهي. ٻوڻن سڄي کي ڪڙيءَ جي
زال لڌيندي آهي جا ڪيس واپس گهر ڪٽي وڃي ڪاهيندي آهي
۽ منجھاڻس ڪٽيل داڻن کي "جالورن- جي- روح" سان ملائيندي
آهي. ٻوءِ ڪڙي جانورڻ جي روح ۽ ان جي رهن واري ٽوڪري
کي، ٻوڻن سڄي مان نڪتل آڻ سوڌو، هڪ وڏيءَ ۽ گول
شڪل واريءَ جانورن جي گنديءَ ۾، جا ملايا جا ٻاشندا عام
طرح استعمال ڪندا آهن، امالت طور وڃي رکندو آهي. ايندڙ
سال جيڪو بج ڇڻيو ويندو، تنهن ۾ "جالورن- جي- روح" مان
نڪتل ڪجھ داڻا ملايا ويندا آهن. ملايا اڀيٽ جي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چالورن - ماڻ" ۽ "چالورن - ٻار" ۾ اسان کي قديم هولاڻ جي ارسطوءَ ۽ ڊيموڪريٽس جو لعب البدل، ۽ ڪنهن معنيٰ ۾، هڪ نمونو يا مثال نظر اچي ٿو.

هڪ ڏنو وري ٻهڙو، آن جي روح جي ڪنوار ۽ گهوٽ جي ٻنهي صورت ۾ نمائندگي ڪرڻ جي هوريان رسم جو متوازي مثال، اسان کي جاوا وارڻ جي هڪ اهڙي رسم ۾ ملي ٿو، جا چالورن جي لاڀاري وقت ادا ڪئي ويندي آهي. لاڀاري ڪرڻ وارا چالورن کي وڏن ٿي ويڻ، انهن کان اڳ پادري يا جادوگر چالورن جا ڪجهه سنگ منتخب ڪندو آهي، جن کي هو هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌي، ڪن خوشبودار تيل لڳائي، گل ڦل سان سينگاريندو آهي. اهڙي طرح سينگاريل سنگن کي "پڊي- پينگنٽن" (Padi-Penganten) يعني "چالورن - ڪنوار" ۽ "چالورن- گهوٽ" سڏيو ويندو آهي، سندن شادي جي تقريب ملهائي ويندي آهي ۽ ان کان هڪدم پوءِ، چالورن جو لاڀارو شروع ٿي ويندو آهي. بعد ۾، جڏهن چالور ديري ۾ آندا ويندا آهن، تڏهن آن ۾ "ڪنوار" جو هڪ ڪمرو جدا سينگاريو ويندو آهي، جتي هڪ ٽئون ٽڏو، هڪ ٻتي ۽ سينگار جو سڀ سامان رکيو ويندو آهي. چالورن جون سڀيون "چالورن- ڪنوار" ۽ "چالورن - گهوٽ" جي پرسان اهڙي طرح ناهي رکيون ويندوون آهن، جڏ تہ آهي سندن جاچ آهي. جوستائين انهن ٻ ڪيو ويندو آهي، تيستائين سڄو فصل ديري ۾ کوڙ آندو ويندو آهي. چالورن کي ديري ۾ ذخيري ڪرڻ کان پوءِ، اهڙن چالهن ڏينهن تائين کوڙ ديري اندر داخل کوڙ ٿيندو آهي، تہ متان انهن شادي شده جوڙي جي تنهائي ۾ خلل پوي.

"بالي" ۽ "لومبوڪ" ٻڌن ۾، جڏهن لاڀاري جو واڌ ويندو آهي، تڏهن ٻني جو مالڪ "مڪي چالورن" کي ٻڌندڙن هٿ سان وڏي لاڀاري جي ابتدا ڪندو آهي ۽ انهن کي ن سڏيو ۾ ٻڌلدو آهي، جن سان هرهڪ ۾، اڻ سموٽ، هڪ سوات ڪالڙهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا ٻوڙ آهن۔ انهن ماڻ هڪ ٻئي مرد ۽ ٻي، عورت جي نمائندگي ڪندي آهي ۽ ڪهن "مڙس ۽ زال" سڏيو ويندو آهي۔ نر ٻئي" کي چوڏاري اهڙي" طرح ڏاڪو ويڙهيو ويندو آهي، جو اڃ جو هڪ ۽ ٻن ظاهر ڪوٺ هوندو آهي، حالانڪ مادي" ٻئي" جي ٻنڌ کي ٻئين طرف موڙي، ڪوٺ اهڙي" طرح ٻڌو ويندو آهي، جو اهي زنانيء" چوٽيء" وانگر معلوم ٿيندا آهن۔ ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي ۾ زياده فرق پيدا ڪرڻ لاءِ مادي ٻئي" جي آڇيء" ۾ ٻلال جو هار وڪو ويندو هو۔ جڏهن ٻنهي" کان جانور گهر آندا ويندا آهن، تڏهن انهن ٻنهي ٻئين کي، جيڪي مڙس ۽ زال جي نمائندگي ڪندڙ آهن، هڪ عورت ٻئي ٻي رکي ڪٽي ايندي آهي ۽ اهي ٻئي ٻڙوڻ ٻين ٻيني جانورن کان اڳ ۾ ديري اندر رکيوڻ ويندڙوڻ آهن۔ آڻي، انهن کي هڪ ننڍڙي ٽاهي يا ٻلال ماڻ نهيل هڪ گاديلي تي رکيو ويندو آهي۔ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته، انهيء" سڄي انتظام جو مقصد اهو هوندو آهي ته جانورن کي گدام اندر وڃڻ ۽ ڪهڙي لاءِ آماده ڪيو وڃي، ۽ اهڙي" طرح، مالڪ جيترو آڻ" گدام اندر رکيو هو، انهن کان زياده ڪين ملي۔ چنانچه، "بالي" ٻيٽ جا باشندا، جڏهن انهن ٻن ٻڙوڻ، مڙس ۽ زال، کي ديري اندر آڻيندا آهن، تڏهن هيٺ ڇوڙندا آهن: "وڃو ۽ ويجهو ۽ وڃ جو اهو سلسلو بند نه ڪجو"۔ ديري ۾ رکيل سڀ جانور جڏهن کي ويندا آهن، تڏهن مڙس ۽ زال جي نمائندگي ڪندڙ ٻئي ٻڙوڻ، ٻيستائين خالي عمارت ۾ ٻيٺوڻ رهندڙوڻ آهن، جيستائين اهي آهستي آهستي غائب ٿي وڃن يا ڪن ڪوٺا ڪڙڪائي وڃن۔ ڪڏهن ڪڏهن هڪ جي بام ڪاڪ مجبور ٿي، کي ماڻهو انهن ٻن ٻڙوڻ جا جانور ۽ ڪالي ڇڏيندا آهن، ۽ جيڪي بدبخت اهو ڪڏوڪر ڪري ويهندا آهن، تن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسو ويندو آهي ۽ ڪين سوڙهن ۽ ڪٽن جي لالچ سان سڏيو ويندو آهي۔ ڪو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالهو الهن مقدس شين کي سندن ٻه گهٽ رتبي وارن پائرن سان گڏ وڪڻ جو خيال ۽ ڪندو آهي.

نر ۽ ماده توتن ذريعي چالورن جي نسلي افزائش جي نظريي جو اثر ارما جي "سڙي" قبيلي وارن وٽ ۽ اظهار ڏيندو معلوم ٿئي ٿو. جڏهن ساروڻ سڪايون ۽ گاهه لاءِ ڏير ڪيون ويندڙ آهن، تڏهن آبادگار خاندان جي سڀني دوستن کي گاهه واري ميدان ڏانهن اچڻ لاءِ مدعو ڪيو ويندو آهي ۽ سندن ڪاڏي پيتي لاءِ ڪيڻي شيون جمع ڪيون ويندڙون آهن. ساروڻ جي ڏير کي ٻه حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي ۽ الهن مان اڌ حصو گاهن لاءِ ڏرڻ" لي وڃايو ويندو آهي ۽ باقي ٻيو اڌ، الهن ئي ڏير ٿيو ٻيو هولدو آهي. ڏير مٿان ڪاڏو ۽ شراب رکيا ويندا آهن ۽ ارڙهن مڙسن مان هڪ "ساروڻ جي پوڻي جي اڀ" ۽ "ماڻ" کي مخاطب ٿي، مستقبل لاءِ پرووز ۽ پاڻ لصلح ڏيڻ واسطي دعا ۽ عرض ڪندو آهي ته، شل اڄ ڪان ڪهڙا دانها تل ڏڻ! گاهه جي ميدان تي الهي" رسم جي ادائگي" جو فقط اهو هڪ ئي موقعو هوندو آهي جڏهن اهي مالهو "ساروڻ جي اڀ" ۽ "ماڻ" کي مدد لاءِ پڪارينداآهن.

۳- آن" جي روح جو ماڻهن اندر واسو: چنانچه، ووراپي "آن" - ماڻ"، "آن" - ڪنواري" وغيره ۾ لصلن جي زندگي بخشيندڙ روح جو ساوڪ جي صورت ۾ جيڪو اظهارو تسليم ڪري ٿو، تنهنجي دليا جي ٻن حصن جي ترسن جي شهادتن مان ڪاڻ حد تائين لصديق ٿئي ٿي، چاڪاڻ ته آهي دماغي ارتقا جي ميدان ۾ ووراپي اومن کان پنتي رهجي ويڻون آهن، خود الهي" ئي سبب ڪري، الهن دهقاني سالن ۾ سوڻن جي ادائگي" جي اصلي مقصدن جي زياده چڱي سمجهه، ۽ بوجهه رکندڙون اڄ ٿورن، جي اسان وٽ هن وقت محض بي معني يادگارن جي سطح تي ڪري ويا آهن. اڙهندڙن کي، برحال، ياد هوندو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهاريت مطابق، جنهن جي نظرياتي جي آءُ تشريح ڪري رهيو آهيان، آنَ جو روح ۽ ان کي نه لباساتي، ۽ انساني صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو، جيڪو ماڻهو ٻوڙن سڻي وڌي ٿو، يا ڪاهه وقت آخرين ڏڪ هڻي ٿو، سو عارضي طور اوترو ئي قدر آنَ جي روح جو نمائندو تسليم ڪيو وڃي ٿو، جيترو قدر سندس هٿان ٽڪيل يا ڪاهيل آنَ جو سُڄو هاڻي، انهن متواري مثالن ۾، جيڪي هن وقت تائين يورپ کان ٻاهر وارين قومن جي رسمن ۽ رواج ۾ ڪما ويا آهن، فصلن جو روح نه لباساتي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان ڪري اسان کي هيءَ ڪاوڙ ثابت ڪرڻ واري آهي ته اسان جي هوريان ڪڙمن کان علاوه، ٻين قومن ۾ جيڪي مردن ۽ عورتن الدر فصلن جي روح جي واسي يا سندس نمائندگيءَ جو تصور ڪيو آهي. وڌيڪ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ، سوءَ کي هي چوڻو هوي ته ته اهڙي ڳاڻي هن ڪتاب جي موضوع لاءِ بلڪل معقول آهي، جو ته اڳ ماڻهو جا، جي ذات خود پوءِ جي زندگيءَ يا سندن حيات بخش روح جي نمائندگي ڪندا هٿا، جيڪي جيئن اسين زياده مثال گهرليو ڪيڏانهوڻ، تيئن تيئن انهن ۾ لوڪيءَ جي "ٻلي واري بادشاه" جي درجي ۾ زياده گهٽ دشواري محسوس ڪئي ويندي.

اڳ امريڪا جا "منڊان" ۽ "منيٽيرز" ٻالڪ ٻهار جي موسم ۾ هڪ تقريب منعقد ڪندا هٿا، جنهن کي اهي عورتن جي "آنَ - دَرا" واري تقريب سڏيندا هٿا. اهي سمجهندا هٿا ته "ڪا ٻوڙهي عورت"، يا "ڪڏهن نه ڪڏهن مرڻي"، فصلن کي جمائيندي هئي ۽ اها ڳالهه ڪٿي نه ڪٿي ڏکڻ طرف رهندي هئي، ۽ هر سال لڏيندڙ آبي پرندن کي موسم بهار ۾ پنهنجي علامتن يا نمائندن طور ڏانهن موڪليندي ڏيندي هئي. انهن ٻڌن ٻاڻ هرهڪ ڳاڙهن هندستانين جي ٻوڪيل فصلن منجهان ڪنهن هڪ قسم جي فصل جي نمائندگي ڪندو هو، جنهنڪري آڙيون ڪاليءَ جي، جنهنڪري منڇ ڪَڏُ جي، ۽ جنهنڪري بدڪون دالين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍ جي نمائندگي ڪندڙ هوندو. ان ڪري، "ونڊهي عورت" جا اهي ڪنيڪ وارا ٻيامبر، جڏهن اڀار جي موسم ۾ اچڻ شروع ڪندا هئا، تڏهن ڪاڙها هندستاني عورتن جي "آن-دوا" واري تقريب ملهائيندا هئا. ڪالڙين جا اوچا ٻنڊيرا ٺاهيا ويندا هئا، جن تي مقامي مالهو "ونڊهي- عورت" جي حضور ۾ لڏاڻن طور سڪل گوشت ۽ ٻيون شيون لٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ هڪ خاص ڏينهن تي، ٽيلي جون ونڊهيون عورتون، الهي "ونڊهي عورت" جي نمائندن طور، "جيڪا ڪڏهن نه ٿي مري"، انهن ٻنڊيرن وٽ اڇي جمع ٿيندڙ هيون ۽ منجهائن هڪ ڇٽي مڪالي جو هڪ سنگ ساڻ ڪٽي ايندي هئي، جو هڪ لٽ جي ڇوڙي ساڻ ٻڌل هوندو هو. اهي ونڊهائڻ انهن لڻ ڪي زمين ۾ کوڙيندڙ هيون، جنهن کان پوءِ اهي انهن ڇوڙين ٻنڊيرن جي چوڌاري نچندڙ هيون ۽ آخر ۾ انهن لڻين کي وري زمين ساڻ هاڻر ڪيو، جنهنجن ٻانهن ۾ رکي مٽي ڪٽندڙ هيون. ان وچ ۾، ونڊهي مرد ونڊهن زالن جي اداڪاري ۽ موسيقيءَ جي چاشني ملائي لاءِ دلا ۽ جهنجهن وڄائيندا رهندا هئا. ازانسواءِ، نوجوان عورتون اڇي ونڊهين جي وات ۾ سڪل گوشت وجهندڙ هيون، جنهن جي بدلي ۾ کين ٻاڪ ڏيل مڪائيءَ ساڻ ڪي ڏاڙو ڪائڻ لاءِ ملندو هو. الهيءَ مقدس آن ساڻ ڏي ٻا چار ڏاڙا نوجوان زالن جي ٽالهين ۾ رکيا ويندا هئا، ته جيئن بعد ۾ اهي ٻج واري آڻ ساڻ احتياط ساڻ ملايا وڃن، جو انهن لاءِ سڃڻو ويندو هو ته اهي ٻج ڪي ڦر ڪيڻ جي قابل ٿيندا. جوابي ٻنڊيرن ڏي جيڪو خشڪ گوشت لٽڪيل هوندو هو، سو ونڊهين جو هوندو هو، ڇو ته، اهي الهيءَ "ونڊهي عورت" جي نمائندگي ڪندڙ هيون، "جيڪا ڪڏهن نه ٿي مري." جهنگلي ميڙين جي ڏاڙ کي ٻاڻ ڏالهن ڪشش ڪرڻ ۽ گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ ساڳئي لسر جي "آن- دوا" واري تقريب سرڻ جي موسم ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي. الهيءَ وٽ هڪ عورت مڪائيءَ جو هڪ پوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغل ۾ ڏاڙي رکندي هئي، جنهن جون ڳاڙهن ڳيل هوندڙن هيون. اهي الهڙ "ٻوڙهي" عورت" جو نالو "ڀڪا ڪڏهن ۾ ٿي مري"، مڪائي ۽ الهڙ ايڪين کي ڏينڊڙن هيون، جن کي اهي ڏرڻي جي ميڙ جون علامتون ٿصور ڪنديون هيون ۽ سڙڻ جي موسم ۾ اهي ڪالهڙ هي دعا ٻڌنديون هيون، "ماڻ شل اسان وٽ ڪاڻي گوشت هجي! شڪاروارڙ سيڙي جانورن کي هڪدم وهڻ ۾ ڏجاڻ، ته جڏهن سياري لاءِ اسان وٽ ڪجهه نه ڪجهه هجي!" موسم خزان ۾، جڏهن ايڪي ايڪ ڏکڻ طرف لڏيندا هئا، تڏهن ڳاڙها هندستاني سمجهندا هئا ته اهي "الهڙ ٻوڙهي" عورت" ڏاڙهن گهر وڃي رهيا هئا ۽ ڏاڙهنس اهي نظرانا، خاص طرح خشڪ گوشت، جو آها ڪاڻيندي هئي، ٻڌي رهيا هئا، جيڪي الهڙ لاءِ چواڻ پنجرن ۾ لٽڪايا ويا هئا. اڄ ٻوڙهي، اسان کي روح يا سندس ديوي "ٻوڙهي عورت" جي تخيل ۾ ملي ٿي ۽ ٻوڙهين عورتون جسماني صورت ۾ نمائندگي ڪن ٿيون ۽ نمائندن جي حيثيت ۾، ڪيئ ڀاڙهن نظرن مان، ڪم از ڪم، ڪجهه ملن ٿا، جي "ٻوڙهي عورت" لاءِ هئا.

هندستان جي ڪن حصن ۾، لاباري جي ديوي، گوري جي نمائندگي هڪ ٿي رات هڪ ڪنواري ڇوڪري ۽ جهنگلي "بالسٽر" ٻوٽي جو هڪ ٻڇو ڪندو آهي، جنهن کي زنالي صورت ڏيڻي، ڪمن زنالو نقاب، زنالا ڪپڙا ۽ زيور ڏيکاريا ويندا آهن. ديوي جي ٻنهي الهڙي خواه لباساني نمائندن جي ٻوڃا ڪئي ويندي آهي ۽ الهڙي سڃڙي رسم جو مقصد جانورن جي ملي اصل حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ جو معلوم ٿئي ٿو.

۴- آن جي ماءُ ڏڪيءَ جي صورت ۾ ٻڌي نمائندگي: جرمني جي "آن - ماءُ" ۽ اسڪانڊنيوي جي "لاباري - ڪنوار" جي مقابلي ۾، ٻولنا جون ڏيهڙ ۽ ارسيفون مذهبي ارتقا جي ٻڌن دور جي پيداوار آهن. ان جي باوجود، آن، خاندان جي ميمبرن هڙ جي حيثيت ۾، ٻولنا ڪنهڙ نه ڪنهن ولت لاباري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون اڇڙون رسمون ادا ڪيون هونديون، جن اڄا تائين سڀاڻ ڪيوڻان ؟ سڀئي نسلن وارا ادا ڪندا اچن ٿا ؟ جي آرين جي دليا جي سرحدن کان گهڻو دور، اهروڙ جي ڪاڙهن هند ستائين ؟ ايست الپز جي گهڻ ڦومن ادا ٿي ڪيون آهن — جا هڪ ڪافي وزلدار ثابتي آهي ته آهي نظريا، جڏ تي انهن رسمن جو بنياد ٻڌل آهي، سي هڪ ڦور تائين محدود نه آهي، پر اهي ساڳيا فطرتي طور، اهڙين سيني ئي علر ڦومن جي دماغ ۾ پيدا ٿين ٿا، جي زراعت پيشي واروڻ آهن. ان ڪري، هي امڪان آهي ته يوناني ڏند ڪٿائي جا آهي شالدار ؟ خوبصورت مجسما، ڏيهڙ ؟ پرسفون، انهن ساڳين سادن اعتقادن ؟ رسمن مان ئي پيدا ٿيا هٿا، جي اڄا تائين اسان جي جديد دور وارن ڪڙمن ۾ رائج هلندا اچن ٿا. ساڳيءَ طرح، هي ۽ ممڪن آهي ته ڊيانس* ؟ ارٽيميس؟ جهڙن استاد فنڪارن جي ماهرائي هٿن مان ڪنجهي ؟ سنگ مرمر جي جيئرن جاڳندڙ مجسمن ڏهن ڪان گهڻو اڳ، لاباري وارن گهٽين ۾ سندن نمائندگي ايتي رنگ جي سنگ ؟ ڪاڙهن مان ڪهيل ٻي ڊولن ڪڏن ذريعي ڪئي ويندي هوندي. انهيءَ ارائي زمالي جي ياد — لاباري واريءَ ٻنيءَ جي هڪ لهر جي مخصوص خوشبوءَ — آخرين ولڪ تائين "ڪنواريءَ" (ڪور) واري لقب ۾، جنهن سان پرسفون عام طرح سان مشهور هئي، باقي رهندي آئي. جناڪ، جيڪڏهن ڏيهڙ جو هڪ نمونو جرمنيءَ واريءَ "آن - ماءَ" آهي، ته ٻيءَ پرسفون جو نمونو، "لاباري - ڪنواري" آهي، جا هر سال سرءَ جي موسم ۾، ارائيز آف بالقهيڊر جي ملائقي ۾، اڄا تائين ٻوڙنءَ ستيءَ مان ڏاهي ويندي آهي. درحقيقت، جيڪڏهن قديم يوناني هارڻ جي متعلق اسان کي وڌيڪ ڄاڻ هجي ها، ته ممڪن آهي ته اسان کي اهو، معلوم ٿئي ها ته اهي تمام قديم زمالي ۽ هر سال

* قديم دور جو هڪ مشهور يوناني مصور (۴۹۰-۴۰۰ ق.م)
؟ قديم دور جو هڪ مشهور يوناني مصور (چوٿين صدي ق.م)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنھنجين "آڪ ـ مائن" (ڊيميٽرس) ۽ "ڪنوارين" (پرسيفونس) ڪي لاباري وارن ٻنين تي ھڪل آڪ مان مسلسل ناھيندا رھندا ھوندا ۽ بدقسمتي سان، جنھن ڊيميٽر ۽ پرسيفون سان اسين آشنا آھيون، سي شھرن جون رھندڙ ۽ امراڻن مندرن جون شاھاڻيون مڪين ھيون، قديم زمانيءَ جي مذھب مصنفن ڪي ۽ اھڙن لي ڏيوتائن جي ڏسڻ لاءِ اڪيون ھيون، ٻنين ۽ ايئل آن جي وچ ۽ ڪولاٿا جھڪي عجيب ۽ بي ڊاڳيون رسمون ادا ڪندا ھتا، تن تي ا، سندن اک ٻي ا، الندي ھئي ۽، جيتوڻيڪ سندن ڏيان الھن جي طرف ميذول ليو ۽ ھوندو، اڏھن ا، ممڪن آھي ا، ناڙڻ سان پريل، ۽ آس ۽ جھڪندڙ ٻنيءَ واري ڪائڙ ۽ سنگھ مان ٽھيل، ڪڏي ۽ مندر واريءَ سا، دار اڏڪار ۽ رکيل مرمرين ڏيويءَ جي درميان ڪنھن ا، اھلق جو سندن دماغ ۽ ڪو وھر ۽ گمان ا، ڪوا، آھو ھوندو. ان جي باوجود، خود الھن شھر جي ايل ۽ مھذب مصنفن جون تحريرون ڪڏھن ڪڏھن اسان کي اھڙي وحشي ۽ اي ڏوليءَ ڊيميٽر جي جھلڪ ڏين ٿيون، جڏھن انتھائي ٻي ڏوليءَ ڊيميٽر جي جھلڪ اسان کي ڪنھن تمام ڏورانھين جرمن ڪوٽ مان نظر اچي ٿي. چنانچ، ھڪ ڪالھ جي، ته "ايائيزڪ" کي ٻي دفعا ڪيڙبل ٻنيءَ ٻي ڊيميٽر مان ٻاوٽس ("دولت"، "آسودگي") تالي ھڪ ٻٽ جاڙو ھو، اولھ، ارشيا جي لاباري واريءَ ٻنيءَ ٻي ٻار جمھ جي سانگ ڪرڻ واريءَ رسم سان، مشابھت ٻي سگھي ٿي. ارشيا جي الھيءَ رسم ۽ ڪلي ماڻ "آڪ ـ ماڻ" (زالٽنيا مالڪا) جي نمائندگي ڪري ٿي، ڪلي ٻار "آڪ ـ ٻار" جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ اھڙيءَ طرح، اھا سڄي رسم اٽڪل سال واسطي ٻلي فصل حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ واسطي ھڪ اسر جو جادوءَ جو ٽوڙو آھي. اھا رسم ۽ ڏند ڪٿا، ساڳيءَ طرح، اڄا ا، زياده قديم زماني جي موسم بھار ۽ تازي ڪٽندڙ آڪ يا موسم خزان ۽ ناڙڻ واريءَ ٻنيءَ ۽ ٽسلي واڏاري جي حقيقي يا ڪلي عمل ڪرڻ جي رسم ڏانھن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارو ڪن ٿوڻ، جيڪي اسين ڏسي آيا آهيون تہ لبڻ از تاريخ واري زماني جو ماڻهو فطرت جي ان جان يا ڪمزور ٿيندڙ قوتن ۽ انهنجي طاقتور زندگيءَ ٽوڪڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. تهذيب يافتہ دماغ جي مثبتين تہ، حيوان، وحشيءَ جي هڪ وڏيڪ جهلڪ اسان کي اڪثر هلي نظر ايندي، جڏهن اسين انهن زراعتي ديوتن جي هڪ ٻئي رخ تي غور ڪنداسون.

اڄ هندڙ ڏڻ هولدو تہ جديد دور جي لوڪ-رسمن ۽ اناج جي روح جي لمائندگيءَ، گهٽو ڪري، "آن-ماءُ" (اوڙهي عورت، وغيره) يا "ڪنواري" (لاباري-يار وغيره) ذريعي ڪئي وڃي ٿي ۽ نہ ٻنهي، "آن-ماءُ" ۽ "ڪنواري" ذريعي. اوهه پلا ڪهڙو سبب هو، جو هونالي آن جي لمائندگيءَ ٻنهي، ماءُ ۽ ڌيءَ، وغيري ڪيدا هئا.

برٽن وارڪ جي رسم ۽ "ماءُ-ستي" ۾ هڪ اهڙو وڏو اوڻو جو اولين "ستي" جي وچ ۽ آن ماڻ ٿهيل هڪ ڪڏو وڃي ڏاهو. ويندو آهي — صاف طرح "آن-ماءُ" ۽ "آن-ڌيءَ" جي لمائندگي ڪندي آهي، جن ماڻ آخرالذڪر اڃا جاءِ ڪاري هولدي آهي. وري، ارشيا وارڪ جي "اهي" رسم ۽، جنهن جو تازو حوالو ڏنو ويو آهي، جيڪا عورت "آن-ماءُ" جو ڪردار ادا ڪري ٿي، سا دراصل ڪل ان جي لمائندگي ڪري ٿي، بار ايندڙ سال جي آن جي لمائندگي ڪندو نظر اچي ٿو، جنهن کي فطرتي طرح، هن سال جي آن جو بار سمجهن گهرجي، جو تہ هن سال جي لاباري جي بچ ماڻ ٿي ايندڙ سال جو فصل ايرلدو. ازانسواءِ، اسان هيءَ ۽ ڏنو آهي تہ ملايا ايپٽ جي "مليو" نسل وارڪ ۽ اسڪاٽلنڊ جي مثالن ٻڌن جي رهواسن ۽ آن جي روح جي لمائندگي ڪل فصل ماڻ جنل ستڪن وسيلي ٻڌيءَ، اوڙهي ۽ نوجوان، زماني صورت ۽ ڪئي وڃي ٿي، اسڪاٽلنڊ ۽ آن جو اوڙهو روح "ڪارلائن" يا "ڪائلچ" (اوڙهي عورت) ۽ نوجوان روح، "ڪنواري" جي صورت ۽ نظر اچي ٿو، هوڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملايا ايبٽ جي "مثلي" نسل وارن ۾، جانورن جا ۽ روح وهڻي طور ماڻ ۽ ڏيءَ جي رشتي ۾ هڪٻئي سان منسلڪ آهن. انهن مشاهدن جي روشنيءَ ۾ اندازو ڪيو ته ڏهيٽر هلندڙ سال جو هڪ آڻ ٿيندو، ارسيفون انهيءَ هڪ آڻ ۾ ماڻ ڪنڊ بچ جو آڻ ٿيندو، جو موسم خزاں ۽ هوڪجن وارو ۽ موسم بهار ۽ وڻي ٽڻن سر جمن وارو ٿيندو. ارسيفون جو عالم زاران ۽ زول، اهڙيءَ طرح بچ جي چڻجڻ جو ڏند ڪٿالي طريق اظهار ٿيندو، موسم بهار ۽ آڻ جي دوباره ظاهر ٿڻ جي معني، ٽڻن آڻ جي جمن جي مترادف ٿيندي. اهڙيءَ طرح، هڪ سال جي ارسيفون اينڊز سال جي ڏهيٽر ٿي ۽ امڪان اغلب آهي ته انهيءَ ڏند ڪٿا جو اصلي روپ اهو ئي هوندو. ۽، ڇڏهن مذهبي خيال جي ارتقاءَ سان گڏوگڏ، آڻ ڪي شخصيت ڏيڻ شروع ڪئي ويئي، ته ڪنهن اهڙي شخصيت جي، جا هڪ سال جي دوران ۾ جنم، واڌ، نسلي اڀرائش ۽ موت جي سڄي چڪر مان گذر ڪندي هئي، ۽ هڪ لافاني ديوءَ جي، ته، ٻوه خيالي پختگيءَ جي تقاضا اها هئي ته ڪنهن شخصيت منجهان هڪ ماڻ يا ڏيءَ، کي اربان ڪيو وڃي. بهرحال، آڻ جو ماڻ ۽ ڏيءَ جي صورتن ۾ ٻئو تخيل اڀرو ۽ ترقي هوندو ۽ عوام جي ذهن ۾ ان جون جاڙوئن اڀرندڙ ۽ پختيون ڪتل هونديون، جو منطق ذوعي آڻ جي ايخ ڪنڊ ڪرڻ دشوار هوندي، ان ڪري ٽئين طرح تشڪيل ٿيل ڏند ڪٿا ۾ ماڻ ۽ ڏيءَ، ڪنهن واسطي گنجائش ايدا ڪرائي ويئي. اهو مقصد هيٺ حاصل ڪيو ويو، جو ارسيفون کي موسم خزاں ۾ هوڪجل ۽ بهار ۾ ٽلندڙ آڻ جو ڪردار ڏيو ويو ۽ ڏهيٽر کي آڻ جي ڪريءَ ماڻ جي غير واضح ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چڏيو ويو. جا آڻ جي زار زمين گمشدگيءَ ٿي ماتم ڪري ٿي ۽ سندس دوباره ظاهر ٿيڻ تي خوشي ڪري ٿي. چنانچ، ديوتالي هستين جي باقاعده ۽ مسلسل وراثت بجاءِ، جن ماڻ هرهڪ هڪ سال زنده رهي ۽ ٻوه ٻنهنجي جانشين کي جنم ڏئي، ٽئين تشڪيل ڏنل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏندڪتا ۽ ديوتائي ۽ لافاني هستين جي تخيل جو اظهار ڪري ٿي، جن مان هرهڪ سال ۾سال زمين الدو غائب ٿي، ورهي ان منجهان ڪٿي ظاهر ٿئي ٿي، ۽ ٻيءَ کي موڪلڻ موسمن ۽ رولڻ ۽ هوشيءَ ڪرڻ کان سواءِ، ٻيو ڪو خاص ڪر ڪونهي.

يوناني ڏندڪتا ۽ آڳ جي ٻئي لمائندگيءَ جو نظريو هن حقيقت کي تسليم ڪري ٿو ته ٻئي شخصيتون (ديميٽر ۽ پرسفون) اصل ۾ الدار آهن. ۽، جيڪڏهن اسين هيءَ فرض ڪريون ته يوناني ڏندڪتا جي ابتدا هڪ شخصيت سان ٿي، ته پوءِ ٻيءَ شخصيت جي الهيءَ ٻولين شاخ جي اضافي جي شايد لها سمجهائي ڏيڻي سگهجي. هن وات ان جيڪي لاباري جون رسمون اسان جي نظر هيٺ گذريون آهن، ان ۾ نظر ڪرڻ سان هيءَ ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته الهه ۽ آڳ جي روح جا ۽ مختلف تخيل سمايل آهن. جو ته، جتي الهه رسمن سان جڪن ۽ آڳ جي روح کي آڳ ۽ ٻي موجود سمجهيو وڃي ٿو، اتي ڪن ٻڌ رسمن ۽ آڳ کي هڪ خارجي هستي تصور ڪيو وڃي ٿو. چنانچه، جڏهن آڳ جي ڪنهن هڪ شيءَ کي آڳ جي روح جي ناڻي سان سڌو وڃي ٿو، ڪيس ڪڙا باراڻا وڃڻ ڏا ۽ احترام سان هٽ لاڙو وڃي ٿو، تڏهن آڳ جي روح کي ڏينا آڳ الدر موجود سمجهيو وڃي ٿو. ۽ جڏهن ائين جيو وڃي ٿو ته روح فصلن منجهان لنگهي، ڪنهن ٻنهنجيءَ موجودگيءَ جي ارڪت سان جماڻي ٿو، يا جن ٻنهن جي خلاف ستدس دل ۽ ڪو بغض آهي، تن کي اهو سڪاڻي ۽ سازي چڏي ٿو. تڏهن ظاهر آهي ته ڪيس آڳ کان مختلف، حالانڪ مناسب الرالداڻ، سمجهيو وڃي ٿو. الهيءَ ٻولين صورت ۽ آڳ جو روح، جيڪڏهن اڳواٽ ٿي ڪو ديوتا ڪوڙ ٿيو آهي، ته آڳ جي ديوتا جي درجي تي ڏاڍو وارو ٿي آهي. انهن ٻنهي نظرن منجهان، آڳ جي روح جو آڳ الدر موجود هٽن جو تخيل، بلا شڪ وڌيڪ زياده ڪهنو آهي، جو ته فطرت جي متعلق هيءَ نظريو ته ان ۽ رهندڙ اندروني روح سبب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان موجود آهي، عام طرح هن نظريي کان اڳوات تائين ڏيل معلوم ٿئي ٿو ته فطرت تي ڪن خارجي ديوتائن جو ضابطو آهي. انسان جي پوريءَ آبادڪاريءَ جي لاءِ ڪارن رسمن ۽ آن جي روح کي ڪڏهن ته آن اندر ۾ موجود سمجهيو وڃي ٿو، ته ڪڏهن ڪنهن خارجي تصور کي وڃي ٿو. پهرين طرف ڏيڻ وارا ڏند ڪٿائن ۽ ديومالا کي آن جي ديوي تصور کي وڃي ٿو، ۽ ته آن ۽ سمايل آڪ جو روح. خيال جو اهو طريقو، جيڪو تخيل جي هڪ نموني کان تبديلي ڪري پئي تائين پهچائي ٿو، سو آن ۽ رهندڙ اندروني روحن کي زياده کان زياده انساني خصائل سان نوازڻ آهي. جيئن جيئن ماڻهو وحشيپڻي جي حالت کان پاڻ کي آزاد ڪرائيندا وڃن ٿا، تيئن تيئن پنهنجن ديوتائن ۽ ديوين کي انساني صورت ڏين جو رجحان منجهن تقويت وٺندو وڃي ٿو، ۽ اهي جيئن جيئن زياده انساني خصائل جا مالڪ ٿيندا وڃن ٿا، تيئن تيئن مندن ۽ انهن فطرتي شين جي درجابندي، جن جا اهي ابتدا ۽ نقطِ جان پختيندڙ روح هئا، زياده وسيع خليج حائل ٿيندي وڃي ٿي. ۽ وحشيپڻي جي منزل کان متيرو ترقيءَ ۽ ساڪي دور جا ماڻهو ڪاهو ڪاهي سان ملائي الڳ نه ڪري سگهيا ۽ جيتوڻيڪ انساني خصلتن وارا ان ديوتائن ۾ پاڻ کان زياده ترقي يافته دماغ رکندڙ انسان جي مذهبي ضرورتن کي پورو نه ڪري سگهيا، ان جي باوجود، قدم جو پهريون ٻيل طبقو آهي ۽ ان نظريي کي جيڪي وڻ کي ترجيح ڏين ٿا، جن مطابق آهي روح کي سڃيءَ زندگيءَ جو سرچشمو سمجهي ٿو. هاڻي، جڏهن ڪنهن ۽ قدرتي شيءَ، جهڙوڪ آن جي روح کي، انهيءَ شيءَ کان علحده ڪري انساني خصلتن سان نوازيو ويو آهي ۽ ڪيس اهڙو ديوتا پيدا ٿيو آهي، جو مٿس ضابطو رکندڙ آهي، تڏهن خود اها شيءَ روح جي نڪرڻ سبب ئي جان رهجي وڃي ٿي، جنجي ڪٿي ته اها شيءَ هڪ روحاني خال ٿيو ويو. ۽ عام ماڻهو جو دماغ، جو اهڙي خال کي برداشت نه ٿو ڪري سگهي، يا ان لفظن ۾ جنجي ته ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شيءَ کي ڏسڻ تصور ۾ آڻي سگهي، سو هڪڙو هڪ
ٿئن خيالي هستيءَ کي خلقي وڃي ٿو ۽ اڪ سان الهيءَ خالي
شيءَ کي پُر ڪري ٿو. جنانچ، مختلف ڏاڍ ڪتابن ۽ هڪ ئي
شيءَ جي نمائندگي ۾ مختلف هستيون ڪندڙن نظر اچن ٿيون.
هڪ اهو ٻراٿو روح، جنهن کي هينئر ان ڪاڪ عليحده ڪري، ڏيوتا
جي درجي تي فائز ڪيو وڃي آهي، ٻيو اهو ٻڻون روح، جنهن کي
عوام جي تصور ٻراڻي زوح جي اعليٰ درجي تي فائز ڪري،
سندس خالي کول جاءِ کي پُرڻ لاءِ ٻيو خلقيو آهي. اهڙين
حالتن ۾ ڏاڍ ڪتابن لاءِ، جڏهن الهن هڪ ساڳيءَ شيءَ لاءِ ۾
مختلف شخصيتون خلقي وڏيون آهن، هڪ وڏو مسئلو هيءَ ٻڌا
ٿي ٿوي ٿو ته الهن جو چا ڪجي؟ ٻنهي چا هڪ ٻئي سان تعلقات
ڪيئن استوار ڪجن ۽ ڏاڍ ڪتابي نظام ۾ الهه ٻنهي لاءِ ڪيئن
جاءِ ٻڌا ڪجي؟ جڏهن ٻراڻي روح يا ٿئن ڏيوتا کي الهيءَ شيءَ
کي خلقيندو يا ٻڌا ڪندو تصور ڪيو وڃي ٿو، تڏهن ته مسئلو
جو حل بلڪل آسانيءَ سان ٿي وڃي ٿو. جنانچ، ٻراڻي روح
جو ٿئن روح سان تعلق اهو ٿيندو، جيڙو هڪ خلقيندڙ جو ٻنهنجي
مخلوق سان، يعني ڏاڍ ڪتابن ۾ اهڙو ٿيندو، جيڙو هڪ ٻيءَ
جو ٻنهنجي اولاد سان، ۽ جيڪڏهن ٻنهي روحن جو تصور مادين
جي صورت ۾ ڪيو وڃي، تہ اوه سندن باهمي تعلق ماءُ ۽ ڌيءَ
جو ٿيندو. اهڙيءَ طرح ڏاڍ ڪتابي تصور، آن جي هيڪوڙيءَ
زٻاني شخصيت کان شروعات ڪري، ڪجهه وات کان اوه
وڃي ماءُ ۽ ڌيءَ جي ٻنهي شخصيت تائين پهچي ٿو. ار
هن ڪالهه ته زور ڏين خطرناڪ ٿيندو ته ڏيهر ۽ برسيفون جي
ڏاڍ ڪتا ٻنهنجي موجوده صورت الهيءَ ٿي طرحي سان اختيار ڪئي،
ار هيءَ اوامن بلڪل حق واجبي نظر اچي ٿو ته ٻن ان ڏيوتا
جو وجود، جنهن جو ڏيهر ۽ برسيفون هڪ سوزن مثل فراهم
ڪن ٿيون، الهيءَ لموي سان روانا ٿيو هوندو. مثال طور، جن
ڏيوتائن جي جوڙڪ جو هن ڪتاب جي اوائلي حصي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذکر ڪيو وڃي ٿو ۽ ڏيکاريو وڃي ٿو. آسپاس ڏسڻ ۽ سندس سائي ڏيوال، اوسيرن، ڪي آڳ جي ۽ شخصيتي تصور ڪرڻ لاءِ ڪي دليل موجود آهن. نازو ٻاڻ ڪيل الوداع جي بنياد تي، آسپاس آڳ جو ارائو روح ٿيندو ۽ اوسيرن، ٿوڻ ۽ ارائي روح جو ٿيڻ روح سان تعلق، مختلف وقتن تي پاڻ مڙس ۽ بٽ جو ٻڌاءِ ويندو هو، جو ته البت ڏاڪٽائن ر ۽ مختلف ديوتائن ۽ ديوتائن جي هر وجودگي ڪي هڪ ڪاڪ ڏيڪ نموني ر سمجهائن جي هميشه آزادي رهندي آئي آهي. بهرحال، هي ڪالهه فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته ديوتائن ۽ ديوتائن جي اهڙن جوڙن جي جيڪا مجوزه سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، سا محض قياس آرائي تي مبني آهي ۽ اڻ جو قدر ۽ قيمت فقط اها ئي آهي، جنهن جي اها لائق آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستيتاليهون

لٽيبرسز

۱- لاپارن جا گيت : متي صفحن ۾ هي گاله ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اتر يورپ جي "آن - ماڻ" ۽ "لاپاري - ڪنواري" ۾ اسان کي ڏاڍو ڌر ارسيفون جا نمونا ملي ٿا. ۽ سندن مشابهت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم جزو اڃا به غائب آهي. هوائي ڏاڪڻا جو هڪ اهم والعو ارسيفون جو موت ۽ سندس دوباره جيئرو ٿيڻ آهي. اهوئي آهو والعو آهي جو "الهي" ديوي" جي لهاڻات جي ديوي" هڻ جي حيثيت ساڻ گڏجي ، هن ڏاڍڪتا کي اڏولس ، ايس ، اوسيرس ۽ ديئوايسس جي مذهبي ساڻ وڃي ڳنڍي ٿو ۽ اهوئي والعو آهي جنهن جي بدولت هين ڏاڍڪتا کي اسان جي "مرلڊ ديوتا" جي بحث مباحثي ۾ جاه ملي ٿي. هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته ديوتا جي سالياني موت ۽ دوباره جيئري ٿين جي تخيل جو بنياد جڪو اهن عظيم ديوتائي ۽ مشرقي ديوتائن ۾ اهڙو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، يا ساڻس مشابهت رکندڙ مثال ، اهن ڏهتالي رسمن ۾ تہ ٿا آهي، جي لاپارو ڪندڙ ڪڻڪ جي اناج جي ڏاڻ ۽ انگور جا واڪا ڏاک جي منڊن ۾ ادا ڪندا آهن.

اڳئين دور جي ماڻهن جي عام وهمن ۽ رسمن متعلق اسان پنهنجي" ان جاڻائي" جو اڳيئي اقرار ڪري آيا آهيون. ۽ اڳئين مذهب جي شروعاتي مرحلن مٿان جڪو غبار ۽ ڏاڍ چاليل آهي، سو هوش فسمتي" ساڻ موجوده حالت ۾ ڪجهه قدر هٽي وڃي ٿو. اوسيرس، اڏولس ۽ اتس جي ويجهان جا صدر مقام، اسان جيئن ڏاڍو آهي، عام الترتيب مصر، شام ۽ ارائيڪيا ۽ هٽا ۽ اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم آهي ته انهن ملڪن سان هڪ ٻ لاڳاري ۽ انگور ٻڌ واري" موسم ٻ جي اڻڄاڻ رسمون ادا ڪيون ويندڙن ڏيون، جن جي هڪ ٻئي سان ۽ آهن مختلف ملڪن جي قومي رسمن سان مشابهت خود الدير زماني جي ماڻهن کي معلوم هئي ۽ انهن رسمن جي جديد دور جي ڪڙمين ۽ وحشين جي رسمن سان مشابهت ڪرڻ سان اسان جي ڄاڻ هيٺ آيل رسم و رواج جي بنياد تي ڪجهه قدر روشني وڌندي نظر اچي ٿي.

هن ڪاڪ اڪيڻي ڏيئو ڏورس جي اختياري" تي اهو ذڪر ڪيو ويو آهي ته قديم مصر ٻ، لاڳاري ڪندڙ ٻ اناج جي ڦرلين ياڪر وڌڻ تي پاڻ ڪيڻ ۽ شادي ڪرڻ جو رواج هو، جن ٻ اهي آئسس کي الهي" ديوي" جي حيثيت ٻ پڪاريندا هئا، جنهن کي سڀ کان اول اناج جي وجود جي خبر ڏني هئي. مصري لاڳارا الهي" وقت جيڪو ڏک پريو گيت ڳائيندا هئا يا جيڪي درد پريوڻ ڏاهون ڪندا هئا، تن کي يونانين "مئنيروس" جو نالو ڏنو هو، جن آهن گيتن ۽ ڏاهن کي الهي" مخصوص ڪالي ڏين لاء من ڪالهه ذريعي سمجهاڻي ڏني آهي ته مئنيروس، جو ڦرڻن مصري بادشاه جو ڪيلڏو ۽ اڪيلو پٽ هو، زراعت جو بنياد وڌو هو ۽ سندس پيوڻي موت سبب، سندس ماڻهن آڪ لاء اهڙي" طرح شاهو ڪيو هو. بهرحال، معلوم ٿئي ٿو ته "مئنيروس" ڪالو "معا-لي-هرا"، يعني "گهراڻ" جوڻي" جي غلط سمجهڻ جو نتيجو آهي، اها جوڻي مختلف مصري ڪتبن، جهڙوڪ "مولن جي ڪتاب" ٻ آئسس جي مرڻ ٻ ڪوڻي لڏي ويئي آهي. چنانچه، اسون هي" لياس ڪري سگهون ٿا ته "معا-لي-هرا" لفظن کي مصري لاڳارا آڪ" جي روح (آئسس يا اوسيرس) جي موٽ لي وڃڻ آڪ" مٽان مرڻي طور، ۽ روح جي واپسي" لاء دعا طور، آلاپيندا هئا. جيئن ته اها ڏاهن ڦرلين وڃڻ سنگ لي بلند ڪئي ويندي هئي، تنهنڪري الهن ايو معلوم ٿئي ته مصري باشندا آڪ" جي روح کي ڦرلين وڃڻ آڪ ٻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود سمجهندا هئا، جو ستدن ڏانڻي هيڻان وڌيڪ مري ويندو هو. اسان ڏسي آيا آهيون تہ ملايا جي ايبٽ ۽ چاوا ۽ چاورن جي ڀاڙن سنگن کي "چاورن جي روح" يا "چاورن-ڪنوار" ۽ "چاورن-گهوٽ" جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي. روس جي ڪن علائقن ۾، وڊيل آن جي ڀاڙن سٽي سان آهو ئي ساوڪ ڪيو ويندو آهي، جو ان هنڌ تي آخري سٽي سان روا رکيو ويندو آهي، انهي سٽي کي ٻي جي مالڪياڻي ٻڌائڻ هڻن سان ڀاڪ لڏيندي آهي ۽ ڪنهن گهر ڪٽي وڃي، مندس تصوارن جي پرسان، عزت واري جاءِ تي رکيندي آهي. ان کان پوءِ، انهي سٽي کي علحده ڪاهي، منجهائنس ڪنڊ آن سان ڪجهه ڏالا ايندڙ سال جي بچ ۾ ملايا ويندا آهن، الٻربن شاهر ۾، جتوڻيڪ "ڪلينڪ-سٽي" نالن لاءِ گهٽو ڪري، سپ کان پوءِ وڊيل آن استعمال ڪيو ويندو هو، پر اڪ هوندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن حالانڪ تمام گهٽي وقفي بعد، ٻارائين وڊيل آن کي ٻي زنانو لباس پارائي احترام سان گهر ليڻون ويندو هو.

نولينيشيا ۽ مغربي ايشيا ۾، مصري لاباري جي مرڻي والگر، ڏاڪ ٻڌ وات ۽ شايد لاباري وات ان (مشابهت ڏيڻي فيصلو ڪجي تہ) هڪ دردناڪ گيت آلاپيو ويندو هو. نولينيشيا واري انهي گيت کي ٻوليائي "لائنس" يا "اللائنس" سڏيندا هئا ۽ مشيروس والگر، آن جي سمجهائي ۾، لائنس نالي هڪ نوجوان جي ذريعي ڏني ويندي هئي، جنهن جي ٻيوتي موت تي اهو گيت مرثيي طور گايو ويو هو. هڪ روايت موجب، لائنس کي هڪ ريڇار ماريو هو، پر ڪيس سندس ڪتن جيڏي قاڙي ڇڏيو. ۽ مشيروس والگر، "لائنس" يا "اللائينس" نالي جو نماد ان زباني غلطفهمي ۽ مان نڪتل نظر اچي تو، جو "اي لائو"، يعني "شل اسان تي ٿهر ٻوي" جي دانهن کان ٻو ڪجهه ۽ ناهي، جا نولينيشيا جا ماڻهو الڻواس جي مالڪ ڪندي، شايد ٻاڌ ڪندا هئا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿي ٿو ته، ڪر از ڪر "سنفو" الڊولس ۽ لالنس کي هڪ ئي ڪري سمجهي ٿو.

بائيبليا ۽ ميرالڊينيا جا لاياڙا "هوريس" يا "هوريمن" ٻاليءَ هڪ خوبصورت نوجوان چيو ويندو هو، جو ايياس ٻاليءَ هڪ بادشاه يا ڪنهن دولتمند ۽ معزز مالهوءَ جو پٽ هو. اونهاري جي هڪ ڏينهن، جڏهن هو ٻنهنجين ٻنهن ۽ لاياڙن کي لاياڙو ڪندي ڏسي رهيو هو، تڏهن هو آڻهن لاياڙن مان ڪنهن هڪ لاءِ ٻئي جو ٻاڻي ڪٽي ويو، جنهن کان پوءِ سندس ٻالو نشان ٿي گم ٿي ويو. ان ڪري، لاياڙو ڪندڙ هو ٻاڻ ڪرڻ لاءِ ڪٽي ۽ درد مند آواز سان ڪيس سڏيندا رهيا. ۽ آن کان پوءِ اڄ تائين اهي لاياري وقت هميشه اهڙا دردناڪ آواز ڪندا اچن ٿا.

۲- آن جي روح جو قتل: فرائيگيا ۽ لاياري ۽ گاهه وقت لاياڙا هڪ اهڙو ئي گيت گائيندا هئا، جنهن کي "لئيرسز" سڏيو ويندو هو. هڪ روايت مطابق، "لئيرسز" فرائيگيا جي بادشاه ميڊاس، جو حرامي پٽ هو، جو سيلائيناه ۽ رهندو هو، هو لاياڙو ٿيندو هو ۽ ڪيس زبردست بک هوندي هئي. جڏهن کو اجنبي سندس ٻنهن مان يا انهن جي ٻاسي کان اڳي لالڪاڻو ڏيندو هو، تڏهن هو ڪيس ٻئي لاءِ هڪ جام ڏيندو هو ۽ پوءِ ڪيس مائينڊر درياه جي ڪناري تي واقع، ٻنهنجين ٻنهن تي وڃي ويندو هو، جتي ڪيس ٻاڻ سان گڏ لاياري ٿيڻ لاءِ مجبور ڪندو هو. آخر ۽ هي جو دستور اهو هوندو هو، جو هو اجنبيءَ کي آن جي سٽيءَ ۽ وڙهي، ٻنهنجي ڏاڙي سان سندس سري لاهي، سندس لاش کي ڪالڙين ۽ وڙهي، ٻاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو هو. آهرڪار، *هرڪيولس سالس گڏ لاياري ٿيڻ جو ڪر ٻنهنجي ذمي ڪنو ۽ ٻنهنجي ڏاڙي سان هن جو سر وڍي، سندس لاش کي ڪٽي درياهه ۽ ڏور ڪيو. جيئن ته هرڪيولس لاءِ جيو وڃي ٿو ته هن "لئيرسز" کي الهيءَ

* يونالي ڏندڪٿائن جو هڪ پهلوان هيرو، جو غيرمعمولي بهاديريءَ جي ڪارنامن ڪان سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي طريقي سان قتل ڪيو، جيئن هو پاڻ ٻين کي قتل ڪندو هو، ان ڪري، اسان هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته "لئيرس" جن ماڻهن کي قتل ڪندو هو، ان جي لاش کي هو درياه ۾ اڇلائيندو هو. الهيءَ ڳالهه جي هڪ ٻيءَ روايت مطابق، "لئيرس"، جو 'ميڊاس' جو هڪ پٽ هو، ماڻهن کي پاڻ سان گڏ لاباري لئي جي چٽاپٽي ڪرڻ لاءِ چئلينج ڪرڻ جو عادي هو ۽ جيڪڏهن هو ڪنهن شڪست ڏيندو هو، ته ڪنهن خوب مار ڪيلدو هو، ۽ هڪ ڏينهن، هو ڪنهن اجنبي لاباري سان ملیو، جنهن کيس ئي قتل ڪري ڇڏيو.

هن قياس لاءِ اسان وٽ چند دليل موجود آهن ته "لئيرس" جي انهن قصن ۽ اسان کي ارالينگيا وارن جي هڪ امڙيءَ لاباري واريءَ رسم جو پتو ملي ٿو، جنهن مطابق ڪن ماڻهن، خاص طرح لاباري وارن ٻنهن ماڻ لنگهندڙ اجنبين، کي باقاعده طور آڻ جي روح جو تمالدو سمجهيو ويندو هو، ان ڪري لاباري هندڙ ڪنهن پڪڙي، آڻ جي سڻن ۽ وڙهي، قتل ڪري ۽ سندس لاش کي کائن ۽ وڙهي، سنهن وسائن جي جنتر طور، بعد ۾ پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا هئا. انهيءَ قياس لاءِ جڪي دليل موجود آهن، ته ان مان هڪ، "لئيرس" قصي وارن هوراني آباد ڪارن جي لاباري وارن رسمن سان مشابهت، ۽ هو وحشي قومن طرفان ٻنهن جي آبادي ۽ اضافي آڻ لاءِ بار بار انساني قربانين ڏيڻ جي رسم، آهن. اسين هينئر انهن دليلن جي واريءَ ويءَ سان جاچ ڪنداسون ۽ ان باري ۾ ابتدا هورئين سان ڪريون ٿا.

انهيءَ ڳالهه جي يورپ جي لاباري وارين رسمن سان مشابهت ڪندي، ٽي ڳالهيون اسان جي خاص توجه لائق ظاهر ٿين ٿيون:
(۱) لاباري لئي جو مقابلو ۽ ماڻهن کي آڻ جي سڻڻ ۽ ٻڌڻ
(۲) آڻ جي روح يا سندس نمائندڙ کي قتل ڪرڻ، (۳) لاباري واريءَ ٻنيءَ ۽ ڪوڙي ويندڙ يا آڻ جي پاسي ماڻ لنگهندڙ اجنبين سان سلوڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) اهڑيءَ ڳالهه جي باري ۾ اسين ڏسي آيا آهيون تہ جديد يورپ ۾ جيڪو ماڻهو اوڻين سٽي وڃندو يا پڌلدو يا ڳاهيندو آهي، تنهن سان گهڻو ڪري، سندس ڪڙمي پائي ڪهڙي هلت ڪندا آهن. مثال طور، ڪنهن اولهه سٽيءَ ۾ پڌو وڃندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻنڊ ڪري ڪاهه يا ڳاڏيءَ لي هڏانهن هوڏانهن ڦيرايو، ماريو، ياڻيءَ ۾ ٻوڙايو ۽ چوٽيءَ جي ڏير تي ڦٽوڪو وڌندو آهي يا اهڙي ٻي ڪا به هلت ڪئي وڃندي آهي. ها، جيڪڏهن ڪنهن اهڙيءَ هلت کان بچاءَ وڌندو آهي، تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ جي ڏولي ۽ مسخريءَ جو مرڪز بڻايو وڃندو آهي. يا وري اڻ سمجهيو وڃندو آهي تہ ڪنهن الهيءَ ڏي سال جي دوران ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مصيبت سان دوچار ٿيڻو ٻوڌو. اڪثر ڪري، لاڀارا ماڻهو فطرتي طور لاڀاري وقت سينيءَ کان اوڻين ڏاڍي هلائن، يا ڪاهه وقت آخرين ڏڪ هڻن يا آخرين سٽيءَ پڌل لاءِ آماده ڪري ڇڏندا آهن ۽ ڪم جي ڇاڻيءَ کان ڪجهه اڳيرو، هارين ۾ هڪ ٻي ڪال اڳ ڪم ختم ڪرڻ جي چتاوڻي شروع ٿي وڃندي آهي ۽ سنجهاڻن هڪ، جيترو جلد ٿي سگهندس، اوترو جلد ڪم ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃندو آهي، تہ جيئن هو سيني کان اوڻين هٿ جي ناخوشگوار امتياز حاصل ڪرڻ کان بچي وڃي. مثال طور، ارشما جي مثل مارڪ ضلعي ۾، جڏهن راڻيءَ جو لاڀارو ٿيڻ وڃندو آهي ۽ آخرين سٽون پڌڻ وارون هوندون آهن، تڏهن سٽين پڌڻ وارون عورتون ٻن ٽولن ۾ هڪ ٻي جي سامهون ٻهجي وينديون آهن ۽ الهه ماڻ هڪ جي سامهون ٻهجي ٻهڪجي سٽيءَ ۽ هلال مان وڏيل هڪ رسي ٻيل هوندي آهي. ماڻهو اشاري ماڻ ٿي آهي سيني ٻهڪجون ٻهڪجون سٽون پڌڻ کي چئي وينديون آهن ۽ جڪا عورت سيني کان ٻڌي رهجي وئندي آهي، تنهن تي ٻوڻ سيني ٽولين ۽ چڙون ڪنديون آهن. ٿ فقط اترو، ۽ سندس سٽيءَ کي الهاڻي صورت ڏيئي، ڪنهن "ٻار مرد" جو وڃندو آهي، جنهن کي ان عورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي زميندارن اڳ ٿانءَ ڪڻي وڃڻو ٿيندو آهي، جتي لاهارن سنڌين ۽ سنڌس "ٻرمرد" جي چوگرد حلقو ٻڌي ناچ ڪندا هوندا آهن. اوهه اهي "ٻرمرد" کي ڪڙمي ۽ ڪڻي ويندا آهن، جنهن کي سنڌس حوالي ڪرڻ وقت هيٺين چوندا آهن ته، اسان "ٻرمرد" کي آڻا وٺ آلدو آهي. هو ڪيس ڪسين رکي سگهي ٿو، جيسين ڪيس نٿون (ٻرمرد) ملي." ان ڪان اوهه "ٻرمرد" کي وڻ سان ٽيڪ ڏياري رکيو ويندو آهي، جتي اهو ڏکي عرصي ٿانءَ مختلف مسخرين جو اشارو ٻڌو رهندو آهي. ٻوريا ۽ انشباڪ وٽ، جڏهن لاهارو ذري گهٽ ختم ٿيڻ تي هوندو آهي، تڏهن لاهارا چوندا آهن ته "هينئر اسين 'ٻرمرد' کي هڪالي ڪيلداسون." منجهائن هرهڪ ٻني جي هڪ ٽڪر کي جلد از جلد ٽڻ شروع ڪندو آهي. انهن مان جيڪو ۽ سڀني کان آخرين مٽ ٻا ٻوڙ ڪالو ويندو آهي، تنهن کي ٻا سڀني گڏجي، خوشيءَ وچان واکو ڪري، هيٺن مخاطب ٿيندا آهن: "ٻرمرد تو وٽ آهي". ڪڏهن ڪڏهن الهيءَ لاهاري جي سنهن ئي ڪارو لاب وڏو ويندو آهي ۽ ڪيس زالا ڪڙا ٻراٻا ويندا آهي ۽ ار جيڪڏهن اها عورت هوندي آهي، ته ڪيس مڙدالا ڪڙا ٻراٻا ويندا آهن. ان ڪان اوهه ناچ ڪيندو آهي ۽ مالهيءَ واڻ "ٻرمرد" کي هو مالهين کان ڪاڏي جو ٻڌو حصو ڏاو ويندو آهي. ڪاهه وقت ۽ ساڳئي قسر جي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي، جيڪو آخرين ڏڪ هلندو آهي، تنهن وٽ اي "ٻرمرد" موجود سمجهيو ويندو آهي. ڪاهه وارن کي جڪا مالي ڪارائي ويندي آهي، تنهن ۽ ڪيس ملائيءَ ناهن جي برتن ۽ تمام گهڻي مقدار ۽ ڪانڌو ۽ ٻڌو هوندو آهي، جيسين هو ٻن کي برالڻي يا ٻئر ٻڌاري ٻنهنجي جاءِ آڻي ڪري.

سڀني حالتن ۽ لاهاري لئي، ڪاهه ڪاهه ۽ سڀني ٻڌڻ جي مقابلن جا ٻڌل سان ئي، جي لاهارن ۽ الهيءَ الوليءَ ۽ ٻي آرامءَ کي ارداشت ۽ ڪرڻ جي خيال کان ڪيا وڃن ٿا، جڪي آخرين

حڪم ختم ڪرڻ واري کي سڏيون پون ٿيون. هي ڪالھ، ياد هوندي تہ جيڪو مالھو لاباري لٺ، سڌين ٻڌڻ يا ڪاھ، ڪاھڻ ۽ سيني کان پوئتي هوندو آهي، تنھن کي آڻ جي روح جو نمائندو سمجھيو ويندو آهي ۽ انھيءَ نظريي جو زياده مڪمل اظهار، انھيءَ مرد يا عورت کي ڪاڻ الدر ٻڌڻ سان ڪيو ويڇي ٿو. انھيءَ اوڻاھ رسم جا اڪثي مثال ڏنا وڃن ٿا آهن، ۽ انھيءَ ڏس ۽ جيڪڏهن ڪجھ زياده مثالن جو اضافو ڪيو وڃي، تہ هرج ناهي. اسٽين پرسان، ڪلوڪسين وٽ، لاباوا سيني کان آخرين سڌي ٻڌندڙ عورت کي واکو ڪري چوندا آهن تہ "ٻوڙهو تو وٽ آهي ۽ آهو توکي ٿي رکڻو پوندو." اٽوهين صديءَ جي آهرين اڌ واري زماني ۽ ۾، خود انھيءَ عورت کي مڙڻ جي انھيءَ ۽ ويڙهن ۽ ڪيس دهان راجن سان زميندارڻي گهر تائين اچڻ جي رسم مروج هئي، جتي لاباوا سالس گڏ ٽيهن ڏينهن رهندا هئا، جنھن سندس جسم کي ويڙهيل انھي هٿ ڪري اوڙي. اسٽين، جي اسڪردائيءَ ۽، ڏينهن لاباري جو آخرين گاڏو سڌين سان پيرو ويندو آهي، ڏينهن لاباري ڪندڙ عورتن ۽ باقاعده جنائپٽي ٿيندي آهي ۽ جيڪا عورت سيني کان اوڻاھ سڌي گاڏي ۽ اڇلائيندي آهي، تنھن کي "ابرمرد" سڏيو ويندو آهي ۽ سندس سڄو بدن ڪاڻ ۽ ويڙهي، ڏسڻ ڪو ويندو آهي، ڪيس گلن سان ان سينگاريو ويندو آهي ۽ سندس مٿي تي، گلن ۽ ٻوٽن سان ٺهيل هڪ ٽوپلو رکيو ويندو آهي. ٻوءَ هوءَ هڪ سنجيده جلوس جي اڳواڻي ڪندي، لاباري واري انھيءَ تاج کي زميندار وٽ پهچائيندي آهي جتي هوءَ اڻ کي سندس مٿي کان ٽوڙو مٽيرو جهلي، هڻ لاءِ ٻڪ ارادن ۽ ٻڪ نٽيءَ جي هڪ ڏکهي دعا پڙهندي آهي. ان کان ٻوءَ جيڪو تاج ٿيندو آهي، تنھن ۽ "ابرمرد" کي اٽڪايو سالڻ، يا زياده تر هالتن ۽، سائيءَ منتخب ڪرڻ جو حق حاصل هوندو آهي. سائين گڏ ٽنھن کي هڪ اعزاز سمجھيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منج برگ جي پوسان، گومرن وٺ، جيڪو مالهو لاياري جا آهرن سنگ ويڙيندو آهي، تنهن کي گهٽو ڪري ايتري قدر ڪاڻ ۽ ويڙهيو ويندو آهي، جو اهو ڏسڻ ۾ ڪول ايندو آهي. اهڙي وڙهيل سيڙهيل حالت ۾ هڪ ٻيو تداور ۽ طاقتور لاياري کيس ٻڌندي ٻڌي ۽ تي رکي، ٻئي ۽ جي چوڌاري ڦيرو پارائيندو آهي ۽ ان وقت ڀاڱي ٻيا لاياري خوشي ۽ ڪان ڪلي ڪيرا ٿي پوندا آهن. مرسبرگ جي لڙڪي، لوهاسين وٺ جيڪو مالهو آخرين سٽي پڏندو آهي، تنهن کي "اوٽس" جي سنگن ۾ ويڙهيو ويندو آهي ۽ سيٽي ڇٽا کيس "اوٽس ميٽن" جي حيثيت ۾ سلام ڪندا آهن، جنهن ڪان پوءِ سندس چوڌاري هڪ عام ناچ منعقد ڪيو ويندو آهي. آئيل ڊي فرانس ۾، ارائي ۽ وٺ، خود زميندار کي ٻي "ٻرين ۽ سٽي ۽ پڏو ويندو آهي. ارڙت ضلعي ۾، ڊنگلسيڊٽ وٺ، الوڻين صدي جي اوائلي اڌ وارن سالن تائين هڪ مالهو ۽ کي آخرين سٽي ۽ پڏڻ جي رسم هوندي هئي. کيس "ٻر مرد" سڏيو ويندو هو ۽ آخرين گاڏي ۽ ويهاري خوشي ۽ جي ٿرن ۽ ڏهلي باجي سان گهر پهچايو ويندو هو. زميندار گهر وٺ پهچي سان کيس ڏاري جي چوگرد ايڙاون پاراون ويندون هيون ۽ ٻاڱي ۽ سان ڪٽر ڪيو ويندو هو. ٿوريا ۾، لارڊلنگين وٺ، جيڪو مالهو ڪاهه وقت سيني کان پوءِ ڏاڙهي هٽندو آهي، تنهن کي ٻلال ۽ ويڙهي ڪاهه واري ميدان ۾ ايڙاون پاراون ويندون آهن. ٿوريا ۾، اوبرقالز وٺ، جنهن مالهو ۽ اڃا پهنجو ڪاهه ڪاهي پورو ڪونه ڪيو هوندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هُن ٻر مرد کي پڪڙيو آهي." سليشيا ۾، جيڪا عورت سيني کان آخرين سٽي پڏندي آهي، تنهن کي ڪافي حد تائين پهنجين سالياڻين جي مسخري ۽ ٺولي برداشت ڪرڻي پوندي آهي. ڪيس ڏکا ڏنا ويندا آهن، اوڏو ڪاهيو ويندو آهي ۽ ان جي سٽي ۽ ويڙهيو ويندو آهي، تنهن کان پوءِ ڪيس "آن ۽ جي ڪڏي" (ڪورن ووف) سڏيو ويندو آهي.

"انهن سڀني حالتن ۾، جيڪو خيال پوشيده رکيل آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو هيءَ آهي ته ان جي روح — لبانات جي ابرمرد — کي آخرين وڏڻ ۽ آخرين ڪاهيل آءُ مان ڏکي باهر ڪڍو ويندو آهي ۽ اهو سڄي ساري جي دوران ۾ آنَ جي ديري اندر گذارينڊو آهي. ايءُ وقت، هو هڪ دلعو وري باهر اينڊو آهي ۽ تازن جمندڙ سَڻ ۾ ڪين جان بخشيندڙ توت جي حيثيت ۾، دوباره اڇنجي ڪارگذاري ڪرڻي پوندي آهي.

۲- لٽيرسز واريءَ ڪاله، ۽ بووايي ڪڙمن جي لاباري واڙن رسمن درميان مشابهت جا جيڪي اکتا آهن، تن مان هڪ لمبر ڏاڍو اينڊي، اسان کي هيٺر اهو ڏسڻو آهي ته، اوائن حالت ۾ گهٽو ڪري هي ٻنهي ڪو ويندو آهي ته آ جو روح لاباري يا ڪاهه واري وٺ ته مري ويندو آهي. لاروي جي روسڀال ۽ اهم حصن ۾، جڏهن ساري لاه ڪاهه سڪائي جو ڪر ختم ٿي ويندو آهي، تڏهن مالهو چوندا آهن ته "سڪل ڪاهه واڙو ابرمرد لتل ٿي ويو آهي." بئوريا جي ڪن علائقن ۾، ڪاهه ختم ٿين وقت جيڪو مالهو آخران ڏڪ هٿندو آهي تنهن لاءِ فصل جي مناسبت مطابق، الڳ جيو ويندو آهي ته "هن مڪائي - مالهوءَ، اوتس - مالهوءَ يا ڪڪ - مالهوءَ کي لتل ڪيو آهي." اورين ۾ ڪيلاتي نالي هڪ علائقي ۾، جي آخري ڪاهه وقت ڪاهه ڪندڙ ٻنهنجي لئين ساڻ ڏڪ هٿندا، هڪ آواز ٿي هي الفاظ بار بار ڪائيندا آهن: "اسين ٻوڙهيءَ عورت کي لتل ڪري رهيا آهيون! اسين ٻوڙهيءَ عورت کي لتل ڪري رهيا آهيون." جيڪڏهن ڪا ٻوڙهي عورت گهر اندر موجود هوندي آهي، ته ڪمس ڪان بچائن لاءِ چتاءُ ڏئو ويندو آهي، ته متان ڪمس کو اهڙو ڏڪ لڳي، جو ساري وجهس. لٽوانيا ۾ ولگينت وٽ، وڏيل فصل جي ٻوڙهيءَ مٽ کي اکاڙو بيٽل چڏيو ويندو آهي ۽ هي الفاظ دُهرايا ويندا آهن ته، "ٻوڙهي عورت (ٻوبا) الهيءَ اندر وڃي آهي". ان کان پوءِ، هڪ نوجوان لاباڙو ٻنهنجو ڏاڙهو ٻڌ ڪندو آهي ۽ هڪ لمي طالتور ڏڪ ساڻ الهيءَ بيٽل مٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي لٹي ڇڏيندو آهي. ان لاءِ ٻڌن ڇو ويندو آهي ته "هُن 'ٻوا' جي سڀ وڏي ڇڏي آهي" زميندار وٽان اڙي لاباري کي شاباش طور انعام ملندو آهي ۽ زميندار جي زال طرفان سندس مٽي تي "الهي" جو هڪ پرزل ارڻ اوتو ويندو آهي. هڪ ٻي روايت مطابق، لٽولانا جو هر هڪ لاباري ٻنهنجي ڪم کي ختم ڪرڻ لاءِ عجلت ڪندو آهي، ڇو ته "راليءَ" جي ٻوڙهي عورت" ٻوڙ کائن اندر رهندي آهي ۽ جيڪو ٻوبان کائيندو آهي، سو "راليءَ" جي ٻوڙهي عورت" کي لتل ڪندو آهي ۽ کين قتل ڪري، هو ٻنهنجي مٿان مصيبت نازل ڪندو آهي. تلست ضلعي جي ولڪيشڪن تالي هڪ ڪوٽ ۾، جيڪو مالهو سيني کان آخرين آڻ لٽيندو آهي، لٽون کي "راليءَ- عورت جو ڪاتل" ڪوٻو ويندو آهي. وري لٽولانا ۾، هي اعتقاد آهي ته، آڻ جو روح، ٻڌي، ڪاهه ۽ لاباري، جي وٽن تي ماريو ويندو آهي. ڪاهه وٽ ڇڏهن ڪاڻي هڪ ڏينهن آڻ. ڪاهيل وڃي پهچندو آهي، ڇڏهن ڪاهه وارا اوچتو ٻ لي قدم ارڻ ٻڌي مٽي ويندا آهن، جڏ ته، ڪنهن وٽان حڪم ملهو ارڻ. ان کان پوءِ آهي حڪم کي جنبي ويندا آهن ۽ ٻنهنجون لٽون کي انڪاڻي ايزي" ۽ زور سان وڄائيندا ويندا آهن، تانجو اهي وڃي آخرين سٽيءَ تي پهچندا آهن. الهيءَ پوئين سٽيءَ تي آهي، ڏاڍي گهٽ ٻڌولاڙ، جوش و خروش سان ۽ ٻنهنجي جسر جي هڪ رڪ کي چڪي ۽ تاڻي، ليسين لٽون جا وڪارا ڪندا آهن، جيسين سندن آڪوان جي زباڻ سان صاف ۽ ڪڙاڪيدار آواز ۾ "بس ڪريو" جا الفاظ اڀرن ٿا بلند ٿيندا آهن. جنهن مالهوءَ جي لٽ "بس ڪريو" جي حڪم سان ڪان بعد، سيني کان پوءِ هيٺ لڳندي آهي، لٽون کي باقي ٻا هڪدم چوڏاري وکوڙي ويندا آهن ۽ زور زور سان رڙيون ڪندي چوندا آهن ته "هن ٻي ٻوڙهي واڻي- عورت کي ڏڪ هٽي ماري وڌو آهي." الهيءَ لعل جي ڪاڙه طور ڪيس سيني کي برانڊي ٻاڙاڻي ٻولندي آهي ۽ الهيءَ ماڻهوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر، جيڪو آخرين آن وڌندو آهي، کيس ا، "ٻوڙهي" رائي، عورت جو قاتل" سمجهيو ويندو آهي. ٽوٽاايا ۽ قتل ڪيل آن جي روح جي لماڻندگي هڪ ڪڏي جي ذريعي ڪئي ويندي آهي. چنانچه، آن جي کاڻ ماڻ هڪ زالاو مجسمو تيار ڪيو ويندو آهي، کيس ڪپڙا ڏيکايا ويندا آهن ۽ آخر ۾ کيس الهي آن جي ڏير هيٺان گاهه واري ميدان ۾ رکيو ويندو آهي، جنهن جو باقي ٻڌي آن جي گاهه کان ٻوءِ، آخر ۾ گاهه گاهيڻ وارو هوندو آهي. ان کان ٻوءِ، گاهه وقت جيڪو ا، سيني کان آخرين ڏڪ هڻندو هو، "سو ٻوڙهي عورت کي ڏڪ هڻي ماري وڃهندو هو." آن جي روح جي لماڻندگي کندڙ مجسمي کي ٻاهر ۽ ساڙڻ جي مثالن سان اسين اڳئي روشناس ٿي چڪا آهيون. ياوڪشائر جي ايسٽ رڊبانک ۽ لاهاري جي آخرين ڏينهن ۾ "ٻوڙهي" ڏاڻن کي ساڙڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. ٻڌي ۽ آن جي هڪ سٽي، ساڙڻ ماڻ ٻاهرين ٻاهر جي سڄ ۽ ساڙي ويندي آهي، ٻاهر ٿي مٽر ٻچايا ويندا آهن، جي شراب جي فراخدلاڻ مقدار سان گڏ کائا ويندا آهن. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻاهر جي شعلن جي چوگرد نچندا آهن ۽ هڪ ٻئي جا منهن ڪارا ڪري ولدر ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري آن جي روح جي لماڻندگي هڪ ماڻهو ڪندو آهي، جو آخرين لٽل آن هيٺان ليٽي هوندو آهي، اهو آن سندس جسم مٿان گاهيو ويندو آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن ته "ٻوڙهي ماڻهو" کي ڏڪ هڻي، ماريو ويو وڃي." ڪڏهن ڪڏهن ته اسان ڏٺوسون ته زميندار جي زال کي آخرين لٽل آن سان گڏ گاهه واري مشين اندر اڻين ڏنو ڪيو ويندو آهي، جڏ ته کيس ا، گاهيو ويندو ۽ تنهن کان پوءِ وري کيس واڙاڻ جو ڪل ان ڪيو ويندو آهي. ٽاارول ۽ وولڊرن وٽ، گاهه واه جيڪو ماڻهو سيني کان آخرين ڏڪ هڻندو آهي، تنهنجي ڪنڌ ٻڌان ٽوڙ ڇنڀڙايا ويندا آهن ۽ سندس ڪڇي ۽ ٻلال جو هار وڃي سندس ساهه گهٽيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو ماڻهو لڏو قامت جو ٻلند و بالا هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ته ساڻهو چولدا آهن ته ٻئي سال آڻ ڏکهو ڏيندو. ان کان
پوءِ ڪيئن هڪ ڪنڊ مٿان ٻڌي، درياه ۾ اچلائيو ويندو آهي.
ڪٽائيندڙ، جنهن ڪاهه ڪندڙ آخرين ڏڪ هنيو هوندو آهي، ڪاهه جي
ميدان ۾ جنهن ساڻهو آڻ جي پوئين سٽي ڪولي هوندي آهي، ته کي ٻلال
جي رسيءَ سان ٽنهن کان ولي چوڻ ٻڌو ويندو آهي ۽
سندن مٿن تي ٻلال جا تاج رکيل هوندا آهن. ان کان پوءِ ڪيئي
ٻئي ڏينهن واري ڳاڏي ۾ آهيون سامهون ٻڌي سڄي ڪوٽ ۾
ڦيرائيندا آهن ۽ بعد ۾ ڪيئن ڪنهن ڪمي ۾ ڏني ڪندا آهن.
آڻ جي روح جي نمائندي کي ڪمي ۾ اچلائي جي رسم ڪيئن
ٿائي ۾ پساڻ جي رسم واڪري، دستور مطابق، سڀني وسائن جي
خاطري ڪري لاءِ چاڏو ۾ چو هڪ ڏاڙو آهي.

۳- هي وقت تائين آڻ جي روح جا نمائندا گهٽو ڪري اهو مرد
يا زال ڏيندي آئي آهي، جڪا پوءِ آڻ ويندي رهي آهي. اسان هيٺ
اهڙين حالتن لي غور ڪرڻ وارا آهيون، جن ۾ آڻ جي روح جي نمائندگي
لاءِ واري ٻئي جي پاسي مان لنگهندڙ ڪنهن اجنبي (جيڪو لغوسز
ڪالهه ۾ آهي) يا ٻئي ۾ ٻاهرئون دفعو داخل ڏيندڙ ڪنهن ملائائي ٻئي
ڪئي آهي. جرمني جي طول و عرض ۾ هي رسم عام جام آهي ته اتان جا
لاءِ ڪندڙ يا ڪاهه ڪاهيندڙ راهگير اجنبين کي پڪڙي، ڪيئن
ڪاڻ منجهان ناهيل رسي ۾ ٻڌي، توسين پاڻ وٽ رکندا آهن،
جيسين اهي ڏنڊ ورين، ۽ جڏهن زميندار يا سندس مهمان منجهان
ڪو هڪ، ٻئي يا ڪاهه جي ميدان ۾ ٻاهرئون دفعو داخل ڏيندو
آهي، تڏهن انهن سان، ساڪوئي سلوڪ ڪيو ويندو آهي.
ڪڏهن ڪڏهن رسي ڦاٽ سندس پاڻهين، يا ٻيرڻ يا سندس ڇڄي
جي چوڌاري واڙهي ويندي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس
بالڪل طور آن ۾ ڏيکو ويندو آهي. جنانچ، ناروي ۾ سولوو
وٽ، جيڪو، ٻئي الدر ٻر رکندو آهي، خواهه اهو وڏيرو هجي،
يا سندس هاري، تنهن کي آڻ جي سٽي ۾ بند ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيئن
ٻنهنجي آزادي خريد ڪرڻي پوندي آهي. سولوست جي سڪرداڻي

ڪ جڏهن زميندار فلڪس ٻڌندڙ وٽ اهڙائن دلي ويندو آهي، تڏهن ڪس فلڪس ڪ مڪمل طور ويڙهيو ويندو آهي. راهگيرن کي ان عورتون وڪوڙي ويندڙون آهن، ڪن فلڪس ڪ ٻڌ ڪري چڏيندڙون آهن ؟ ڪالهه برانڊي جي جام جي زوري تقاضا ڪندڙون آهن. لاوڊلنگون وٽ اڳينن کي ٻلال جي رسن سان جکڙيو ويندو آهي ؟ ڪين آن جي مٿي والگر ٻڌو ويندو آهي، تالجو اهي ڏاڍ ڏيڻي آزادي حاصل ڪندا آهن. مغربي يورپيما ڪ هٽسبرگ جي جرمن نسل وارن مالهن ڪ، جڏهن زميندار ٻڌنجي آن جي ڏهوري جو سڀ کان آخرين حصو گاهم واري ميدان ڏانهن گاهن لاء موڪلي ڏيندو هو، تڏهن ڪس ان ڪ ليڙهون هارائي ڏڻن ڪيو ويندو هو، جيڪي هو نالن جو تحفو پيش ڪري پاڻ بچائي. لاوندي ڪ اوولٽنجز جي ضلعي ڪ، ٻني جي مالڪ کي آخرين ويڙهل ڪڻڪ جي مٿي ڪ ٻڌل جي رسم جو اڄا تائين نڪل ڪيو ويندو آهي، يا ڪم از ڪم الڪل هن صدي جي چوڏين حصي کان اڳ تائين اهو ڏونگ اڄا ، رڇايو ويندو هو. اهو ڪارائمو سرانجام ڪرڻ فقط عورتن جي پاڻ ڪ هوندو آهي. اهي لي ٻني جي مالڪ تي حملو ڪنديون آهن ؟ سندس هاڻون، لنگون ؟ بدن مضبوطي سان جکڙي، ڪس زمين تي اڇلائينديون آهن ؟ آخرين ويڙهل مٿي تي ڏکو ڪري سمهارينديون آهي. ان کان پوء ڪس ٻڌل جو ڏونگ رڇايو ويندو آهي ؟ لاباري کان پوء جڪا دعوت منعقد ڪئي ويندي آهي، تنهن تي جهڙا شرط شروط رکيا ويندا آهن، تن جي متعلق کائس انوات رضامندي ورتي ويندي آهي. جڏهن هو اهي شرط تسليم ڪندو آهي، تڏهن ڪس چڏيو ويندو آهي ؟ ڪس الڳ جي اجازت ڏني ويندي آهي. آلبل ڊي ارانس جي ٻراڻي مالي هڪ مقام وٽ، جڏهن ، ڪو اهڙو مالهو، جيڪو ٻني سان واسته رکڻ هوندو آهي، لاباري واري ٻني وٽان اڇي لنگهندو آهي، تڏهن لاباري سندس ٻياڻ پوندا آهن. جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو قاسي هوندو آهي، ۽ کيس هڪ شيءَ ۽ ٻڌو ويندو آهي ؟ لاباري وارن ماڻ هرهڪ واري ولي ۽ سان کيس ٻيشاليءَ ۽ هڪ چڪ ڀالينڊو ؟ وڏي آواز ۽ چوڏو ويندو آهي، "تو کي ٻيءَ جي ڪنجي ڪٽي هوندي". "ڪنجيءَ مثل" جو محاورو لاباري وارا ٻي ڪنهن هنڌ آخرين شيءَ وڌڻ يا ٻڌڻ يا ڪاهڻ جي مفهوم ۽ استعمال ڪندا آهن، جنانچ، اهو محاورو "ٻرمرد لوڻ آهي"، "ٽون لي ٻرمرد آهين" جي هم معني آهي، جن سان آخرين شيءَ جي وڌيندڙ، ٻڌندڙ يا ڪاهيندڙ کي مخاطب ڪيو ويندو آهي. جنانچ، جڏهن ڪنهن اجنبيءَ کي آخرين شيءَ ۽ ٻڌو ويندو آهي، جيڪا ايرانيءَ وارو مقام وٽ ڪيو ويندو آهي، ۽ جڏهن کيس چيو ويندو آهي ته "کيس ٻيءَ جي ڪنجي ڪٽي هوندي"، تڏهن سندس معني اها هوندي آهي ته هو ڀاڻ لي ٻرمرد، يعني آنَ جي روح کي جان بخشيندڙ شخصيت آهي. "هاپ" ٻالي هڪ ميوي جي ٻوٽ واري، جيڪڏهن ڪو خوش هوڪاءَ اجنبي "هاپ" ميوي جي ٽڪاءَ ويان اڇي لنگهندو آهي ته ٻاڪ چون هاپ جمع ڪندڙ عورتون کيس پڪڙي، گند جي ڊبي اندر ڦري ڪنديون آهن ؟ کيس تمسڪ ٻڌي هٿاڻ ڏيکي ڊبي ۽ بند ڪري ڇڏينديون آهن، جيئن هو ڪجهه ڏنڊ ڏيئي جان ڇڏائي.

جنانچ، قديم لغرسز واڪنگر، جڏهن دورانءَ جي لاباري ٽپندڙ ۽ ڪنهن اجنبي راهگير کي پڪڙڻ ؟ کيس آنَ جي شيءَ ۽ ٻڌڻ جي رسم هلندي آئي آهي. هيءَ امید ته رکڻ گهرجي ته متوازي مثال کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اهي سندن گردن ۽ ويڇ ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اهي کو امڙو سخت لڏم ته ٽاڪڻ، ته ڪم از ڪم سندن پولي ؟ اشارا سندن امڙيءَ خواهش جا مظهر هوندا آهن. مثال طور ميڪلينبرگ ۽ لاباري جي ٻوڙهه ڏينهن، جيڪڏهن ٻيءَ جو مالڪ يا مالڪياڻي يا کو اجنبي ٻيءَ الدر داخل ٿيندو يا فقط ٻيءَ جي پاسي ماڻ ٿي لاڪهاڙو ٿيندو آهي، ته سڀئي لاباري ڏاڏهنس منهن ڦيرائي، ٻنهنجي ڏاڙهن کي ٽيز ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندا آهن، ۽ سيڀاڻي جڏا ڪڏجي هڪ ٻي وات ٻڌندڙن روهن ڪي ڏاڍن سان اهڙي طرح ٽڪرائيندا آهن، جن ته اهي لاڙي وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن. ٻوءِ جڪا عورت لاڙي وارن جي اڳواڻي ۾ هوندي آهي، سا اڳ وڌائي، انهي مائيءَ جي اوچي، سندس ڏاڙهي ۾ هڪ ٻڌي ٻڌندي آهي. انهي حالت ۾ ڪيس ڏانهن جا ٻيا ٻڌي، ٻاڪ ڇڏائڻ ٻوندو آهي. ولڙبرگ جي نزديڪ، جڏهن ٻني جو مالڪ يا ٻيو ڪو معزز شخص ٻني ۾ داخل ٿيندو آهي، يا ان جي ساهمي ڪان لانگهائو ٿيندو آهي، تڏهن سيڀاڻي لاڙا ڪم بند ڪري، هڪ مجمع جي صورت ۾ ڏاڙهيون ونڊندا آهن ۽ انهي وچ ۾ مرد ٻڌندا ڏاڙا اڇاڻ ڪري ڇڏيندا آهن. ساٿس ملي وات عورتون ۽ مرد، ٻني سڄي قطار ٻاهي ٻڌندا آهن. مرد ٻڌندڙ ڏاڙهن جي دستن کي اهڙي طرح زور ۽ الڪائي ڇڏيندا آهن، جڏهن اهي ڪنهن تيز ڪرڻ وات ڪندا آهن، ٻوءِ اهي ٻڌندڙن ٽوپين لاهي ڏاڙهن ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ سندن ونڊندار قطار ڪان ٻاهر نڪري هڪ اقرار ڪندو آهي. جڏهن هو ٻڌندڙ اقرار ختم ڪندو آهي، تڏهن سيڀاڻي لاڙا ڪڏجي ٻڌندڙ ڏاڙهن کي وڏي آواز ۽ سُر سان ٽيز ڪندا آهن، جنهن ڪان پوءِ اهي ٻڌندڙن ٽوپين پائيندا آهن. ٻئين ٻڌ وارن عورتن سان ۽ ڇوڪرا اڳتي اينديون آهن، منجهائن هڪ ڇڻي مالڪ يا اڳنيءَ (ڇوڙي حالت هوندي آهي) کي آڻڻ جا سنگ يا ريشمي ٻني ٻڌندي آهي، يا ڇڻي ڪيس راڳ جي صورت ۾ خطاب ڪندي آهي. اهڙن موقعن تي لاڙي لڙ وارا جڪي اقرارون ڪندا آهن، تن سان چند مثال هيٺ ڏجن ٿا. ٻوڙنا جي ڪن ملائڻ ۽ ته هرهڪ راهگير کي ٻڌاريو ويندو آهي، جو سندس رستي جي آرپار ٻلال سان وڻيل هڪ رسو ٻڌل هوندو آهي. لاڙا واهگير جي چوڌاري ٻانهين ٻڌي ويندا آهن ۽ ٻنهنجا ڏاڙا تيز ڪندا آهن، سندن اڳوان چوندو آهي:

"ماڻهو تيار آهن، آڻ وڌو ۽ ننڍو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍا اٽڙيل آهن، هن شريف ساڻهو کي لٽڻ گهرجي."
هوءَ ٽ ڏاڍن کي ٻڌائڻ جو سلسلو ڏهرايو ويندو آهي،
استيشن ضلعي جي راڄڌاني ڪوٽ وٽ، لاباري وارڻ جي گهري
هيٺ آيل اڇنين کي هيٺن خطاب ڪيو ويندو آهي:
"اسين هن شريف انسان کي ٻڌاسون،
ڏهنجي ڏنگي تلوار ساڻ،
جنهن ساڻ اسين وڏيون ٿا ٻارا ۽ ٻيون،
اسين وڏيون ٿا شهزادن ۽ ٽوان کي،
ڪهي عام طرح اڇايل هوندا آهن،
جيڪڏهن هي شريف انسان اسان کي ٻيهار ۾ برانڊي،
ٽ هي مسخري هوند جلد ٽٽي ختم،
ٻ جيڪڏهن اسان جو عرض ڪيس نا پسند آ،
ٽ تلوار کي حق ڏي هٿ جو ٻ آ."

ڪاهه واري ميدان ۾ اڇنين کي ان جي روح جي زندگي
بخشيندڙ شخصيت ۾ سمجهيو ويندو آهي ۽ ان ڪري سائس امڙي
ٻي هلت ڪئي ويندي آهي، ضلعوڪ ۽ ويڙهاڪ وٽ جڏهن
ٻ ڪو اڇني ڪاهه واري ميدان ۾ ايندو آهي، ڏهن ڪائس
هي سوال درڪار ڪيو ويندو آهي ٽ "جا، توکي جيڪ وارو
تاج سيڪاريان؟" ۽ جيڪڏهن هو ها چوندو آهي ٽ پوءَ اهي ڪاهه
واري جيڪ جون ٻانهون سندس ڪنڌي ۽ امڙي جي وچندا
آهن، جن ٽ هو فقط آل جي هڪ ستي آهي ۽ انهن کي: ايتري زور
ساڻ ڏاڙيندا آهن، جو هن جو ساهه ڏري گهٽ ٽڪرڻ ٻي
هوندو آهي. ورمانٽ (سٽينڊ) جي ڪن ضلعن ۾، جڏهن ڪو
اڇني امڙي ڪنهن ڪاهه واري ميدان ۾ وڃي ٽڪرندو آهي،
جتي ڪاهه ڪاهڻي رهيو هوندو آهي، ڏهن ساڻهو چوندا آهن ٽ"
اهي ڪيس ڪاهه جو راڪ سيڪارينداء" هوءَ سندس ڪنڌي ۽ ڪاهه جو
جيڪ وڏو ويندو آهي ۽ سندس بدن کي بلال جو رسو وڙهيو
ويندو آهي. وري، جنهن اسين ڏسي آيا آهيون، جيڪڏهن ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجنبي عورت ڪاهه جي ميدان ۾ اچي نڪرندي آهي ته ڪاهه وارا سندس جسم کي ڪاهه وارو چمڪ ويڙهيندا آهن ۽ ڪالهه مان ڦهلي هڪ هار ڪجي ۽ وڇهندا اٿس ۽ پوءِ واکو ڪري چوندا آهن: "اڙي، آهه مائي ڪي ڏسوا ڏسوا آڪ-ڪنواري اڻن لي ڏس ۽ ايندي آهي!"

چنانچه، جديد يورپ جي لاباري وارن انهن رسمن ۽ جڪو مالهو آخرين ان وڌيندو، پڏندو يا ڪاهيندو آهي انهيءَ سان آن جي سٽيءَ ۽ وڙهڻ، زرعي اوزارن وسيلي مارڻ جي لال ڪرڻ ۽ پاڻي ۽ اچلائڻ ذريعي آن جي روح جي زندگي ڏيندڙ شخصيت وارو ساڪ ڪيو ويندو آهي. لئورنس واري ڪالهه سان انهن اتفاق جي اشتراڪ مان هي ڪالهه ثابت ٿيندي معلوم ٿئي ٿي ته لئورنس ورائيڪيا وارن جي لاباري جي قديم رسم جو حقيقي بيان آهي، ۽ جڏن ته جديد دور جي متوازي مثالن ۽ آن جي روح جي شخصي امانتدي جي ٽال ڪي لازمي طور نظر انداز ڪيو ويندو آهي، يا زياده ڪان زياده آن جو ٽال ڪيو ويندو آهي، ان ڪري هي ڪالهه ڏيڪارڻ ضروري آهي ته غير موذب معاشري ۽ زمين جي آبادي جي طالت ۽ اضافي آن لاءِ انسانن کي عام طرح هڪ زرعي رسم جي حيثيت ۽ قربان ڪيو ٿي ويو آهي. هيٺان مثال انهي حقيقت کي واضح ڪندا.

۳- فصلن لاءِ انساني قربانيون: ووڪيدار ۽ ڪاسي ڪاسيل جا ڪاڙها هندستاني وڏهن انهنجن بنن ۽ بج ڇڏيندا هٿا، لڏهن ماڻهن جو رت ۽ مالهو جون دليون قربان ڪندا هٿا. ڪنوار (هيٽر ڪوواڪا-ووڪيدار) جا مالهو هرسال لاباري وقت هڪ سو بار قربان ڪندا هٿا. انهي خوفناڪ رسم کي پنجن ڏينهن ۽ ڪئمپو جا بادشاه ايرو جا الڪاس ۽ ڪالي ڪهڙي درصي تائين هسالوي حڪمران اڪاماپ رهيا هٿا. ميڪسيڪو وارن جي لاباري جي هڪ رسم ۾، جڏهن موسم جا ٻوران سوا سورج ڏيوتا جي حضور ۽ پيئت ڪيا ويندا هٿا، لڏهن هڪ ڏوهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ۽ وڏن ٻرن جي وچ ۾ اڀارو ويندو هو، جن کي هڪ
ٻئي جي عين سامهون آڏ ڏيڻي اڀارو ويندو هو ۽ جنهن آي اهي
ٻئي ٻئر هڪ واڻ گڏجي ميٽ ڪرلڏا هٿا، تنهن آي اهو مالهو
الهن جي وچ ۾ ايسجي ويندو هو. سندس لاش دفن ڪيو ويندو
هو، جنهن کان پوءِ هڪ دعوت ۽ ناچ منعقد ڪيو ويندو هو.
انهيءَ رسم کي "ٻرن جو ميلاپ" سڏيو ويندو هو. اسين ڏسي
آيا آهيون ته مڪسيڪو جا قديم باشندا مڪائيءَ جي واڌ جي
مختلف منزلن آي مالهن جي اربابي ان کندا هٿا ۽ الهن اربابن
۽ قربان ٿيندڙ مالهوءَ جي عمر جو مڪاليءَ جي جمارساڻ تناسب
رکيو ويندو هو، چو ته ٻڌي وڃ اهي نواڻ جاول يار، آن جي
سڻ ٽکرڻ وٺ ڪجهه زياده وڏا يار، وغيره اربابن کندا هٿا،
تالجو جڏهن مڪالي ٻڌي راس ٿيندي هئي، تڏهن اهي ٻوڙهن مالهن
کي قربان کندا هٿا. هن ۽ ڪوبه شڪ ناهي ته اربابن ٿيندڙ
مالهن جي جمارن ۽ مڪائيءَ جي مختلف منزلن جي درمياڻ
تناسب کي الهيءَ ٿوٽي جي اثر کي وڌائيندڙ سمجهيو ويندو هوندو.

باقي ٻوليءَ جا ڪاڙها هندستاني هرسال مئي هفتي ۾ ٻڌ
جڏن وڃ هڪ مالهوءَ جي قرباني ڏيندا هٿا. سندن اعتقاد هو
ته الهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو حڪم ڏين "صبح جي ستاري" يا
ڪنهن اڇي ڪيءَ وڻاڪ سليو هو، جنهن کي "صبح جي ستاري"
پنهنجو پيغامبر ڪري وڻ موڪليو هو. الهيءَ ڪيءَ جي لاش کي
پوسي ساڻ ٻري، ڪيس هڪ طاقتور طلسم طور محفوظ ڪيو وڃو
هو. سندن خيال هو ته الهيءَ قرباني کي نظر انداز ڪرڻ سبب
مڪائيءَ دالوءَ ڪدن جا فصل بلڪل ناڪامياب ٿيندا. قربانيءَ طور
ٻڌل ٿيندڙ انسان ڪنهن ۽ جنس جوانيءَ هوندو هو. ڪيس انتهائي
پيڪيدار ۽ امير ٿيندڙ لباس ڏکايو ويندو هو، جواب طعام ڪاراڻن
ساڻ ڪيس ٽاهو ڪيو ويندو هو ۽ ڪيس سندس انجام کان ڏاڍي احتياط
ساڻ ٻوخبر رکيو ويندو هو. جڏهن هو مڪائي ٽاهو ٿي ويندو هو،
تڏهن سندس محافظ هجوم جي روبرو ڪيس صليب ساڻ ٻڌندا هٿا، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٻوءَ اهي سنجيده لسر جو لاڄ ڪري، ڪهاڙي سان سندس
مٿو ۽ اڌ ڪنڌا هٿا ؟ ڪيس ٻر هٿندا هٿا. هڪ واپاري، جي
ٻان مطابق، سرخ هندستانين جون عورتون انهيءَ بد نصيب جي گوشت
جا ٽڪرڻڪر ڪندون هيون، جنهن سان اهي انهنجن زمين کي سٽيو
ڪندون هيون، ۽ هڪ ٻئي واپاريءَ، جنهن اها رسم انهنجن اکين
سان ڏٺي هئي، انهيءَ ٻان جي اردبد ڪئي آهي. ٻرباني ڏاڻ کان
هڪدم ٻوءِ، سالهو پنهنجن ٻنين ٻوکن لاءِ ملها ويندا هٿا. ڪاڙهن
هندستانين جي "سيوڪس" قبيلي وارن جي هڪ چوڪريءَ جي
ٻرباليءَ جو، جڪا "ٻاني" ڪهلي وارن سنه ۱۸۳۷ يا ۱۸۳۸ع
۾ ڏني رهئي، هڪ مخصوص ٻاڻ محفوظ رکيو ويو آهي. اها
چوڪري چوڏهن يا پندرهن سالن جي هئي ؟ ڪيس چئن مهينن
تائين سکيو رکيو ويو هو. ٻرباليءَ کان ٻ ڏينهن اڳ، سينٽ
اينڊرس مڙس ؟ جنگي جوڌن جي سچيءَ ڪائوسل جي همراه
ڪيس هڪ گهر کان ٻئي ۾ ڦيرايو ويو. هرهڪ گهر مان ڪيس
ڪالهيءَ جو هڪ ننڍو دستو ؟ ٽوڙو رنگ ملندو رهيو، جي هوءَ
پنهنجي ترپ ٻنل هڪ جوڙي ڪني ڏينديءَ وئي. انهيءَ طريقي سان
هوءَ هرهڪ گهر وئي، جتان ڪيس کاڻ ؟ ٻينٽ جو ساڳيوئي
تحفو ملندو رهيو. ٻاويهين ٻارهن ٻي ڪيس قربان ڪرڻ لاءِ ٻاهر
آندو ويو ؟ سندس ٻيهي جنگي جوڌا، جن مان هرهڪ
جي هٿ ۾ انهيءَ ڪاڻ جا ٻ ٽڪر هٿا، جي انهيءَ ڪي
چوڪريءَ وٽان ملها هٿا، جلوس جي صورت ۾ هلندا رهيا. سندس
بدڪ جي اڌ حصي کي سرخ رنگ لڳايو ويو هو ؟ ٻئي اڌ کي
سياهه، ڪيس هڪ لسر جي ڪاهيءَ ٻي لٽڪايو ويو ؟ ڪجهه، رات
تائين مٽيءَ ٻاهر ٽي اڇايو ويو، جنهن کان ٻوءِ ڪيس ٻر
هٿيا ويا. ٻرباني ڏينڊرن جو سردار ٻوءِ سندس سينو چاڪ ڪري،
سنجهائتن چوڪريءَ جي دل ڪڍي، ڪڙڪائي ويو. اڃا سندس
گوشت ڪجهه گرم ٿي هو، تہ ان کي ننڍن ننڍن ٽڪرڻ جي صورت ۾
هڏن کان جدا ڪري وڍيو ويو ؟ انهن ٽڪرڻ کي ننڍڙن ٽوڪرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ڀر واري ٻني ڏاڻن ڏينهن وڃ. اتي وري ٻيني سردار جي وڏي سردار ٽوڪري ماڻ گوشت جو هڪ ٽڪرو ڪڍي، ڪاس زور ڏئو ۽ منجهائس جرڪورت جو هڪ ٽڪرو ڪٽي، سو تازي چٽل ڇ جي ڏاڻن مٿان چٽڪاءِ. ٻين سردارن ۽ سندس مٿان جي تقليد ڪئي، تانجو سڀني ڇ مٿان رت ڇڻجي وڃي، ان کان بعد ڇ کي ٻني ساڻ ڏيکاءِ وڃ. هڪ روايت مطابق، اربان ٽيل ماڻهو جي بدن ماڻ هڪ تسر جي ٻئي ناهي ويندي هڏي جا، ان لفظ مڪالي ۽ ار ٻڌائن، دالين ۽ ٻين ڇڻ ڪي آبادي جي قابل ٻڌائن لاءِ، ٻهڻي را چٽڪائي ويندي هئي. الهي ٽرالي ڪرڻ ساڻ ڪين ڀرپور فصل حاصل ٿين جي توقع هوندي هئي.

اولهه آفريڪا جي هڪ واليءِ هر سال مارچ مهيني ۾ هڪ مرد ۽ هڪ زال جي قرباني ڪندي هئي. انهن کي اولچن ۽ ڪوڙرن ساڻ مارهو ويندو هو ۽ سندن لاش ڪنهن اهڙي ٻني جي عين وچ ۾ دفن ڪيا ويندا هئا. جنهن ڪي تازو هر هلاءِ وڃ هوندو هو. گانا جي لاگوس علاقي ۾، سال ۾سال هڪ چوڪري ڪي لٽڪالي مارڻ جي رسم هوندي هئي، اها ڪارروائي موسم بهار ۾ ڪيڻي ۽ رات هڪ جيتري ٿين کان چند ڪي وڃ، پاڻ فصل حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويندي هئي. سانس گڏ رڙيون ۽ ڪروڪ ۽ اربان ڪيون ويندڙون هونءِ، جن کي مڪالي جي سنگ ۽ ان ساڻ گڏ الهي ٽنب جي ٻني طرفن کان لٽڪاءِ ويندو هو، جنهن ساڻ چوڪري ڪي پڏي اربان ڪيو ويندو هو. اربان ٽيندڙ ماڻهو کي الهي مقصد لاءِ بادشاه جي محلات ۾ پاڻيو ويندو هو ۽ سندن دلين تي جادوگر اهڙو ڪ زوردار اثر وجهندا هئا، جو اهي ڪلندي ڪاڻاٽيندي موت جي منهن ۾ هليا ويندا هئا. گانا ۾ اٽڪ وڻ، ساڪٽي تسر جي ٽرالي سال بسال ڏاڍي ويندي هئي. ٻوجوالا ۾ آباد، مڏيوس الي هڪ ٻولو، فصل جي ٻوتري لاءِ ماڻهو اربان ڪندو آهي. اربان ڪرڻ لاءِ هو عام طور انڊي قد واري مضبوط ماڻهو کي چونڊيندا آهن. ڪمس زردستي ڪڙهو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا نشي ۽ بيهوش ڪيو ويندو آهي، جنهن کان ٻوڙڪرمن ٻڌي ۽ آني ڪنڪ ۽ ذبح ڪيو ويندو آهي، تہ جنهن آهو "ٻچ" (جنهن آهي چولدا آهن) چو ڪر ڏاڻي. سڄ جي گرمي ۽ سندس رت جي جمڻ کان ٻوءِ، ان جي ٻوشالي ۽ واري هڏي، ۽ آن سان چنڊيل ماس ۽ سڄالي کي ساڙيو ويندو آهي، ۽ هڏي ۽ ڏرتي ۽ کي ٻاري ڪرڻ لاءِ انهي ۽ رک کي زمين ۾ منتشر ڪيو ويندو آهي.

ڪالهين جڙيل جي مينڊاڻ تالي هڪ بيٺ ۽ رهندڙ باکوو ٻولي وارا ٻڌي ۽ جانورن ۽ ڪن کان اڳ هڪ مالهو قربان ڪندا آهن. اهو مالهو پالهو هوندو آهي، جنهن کي ٻولي ۽ ولي وڃي ڪهاڙن سان ٽڪر ٽڪر ڪيو ويندو آهي. ڪالهين ٻڌن ماڻ ٻوراڻ تالي هڪ بيٺ جي اندروني علاقي ۽، ٻولندڙ رت رهندڙ ٻولي وارا، انساني گردڻ جا تمام جوشيلا ۽ شوقين شڪاري آهن. مالهو جي سڄن جي شڪار ڪرڻ لاءِ سندن مڪمل موسمي جانورن ۽ ڪن ۽ ٽڻ وارا وٽ آهن. ٻولي فصل ڪٽڻ لاءِ، هرهڪ ڪيٽ کي ڪن ۽ لاهاري ڪرڻ وقت، ڪم ازڪم، هڪ انساني سڄي لاءِ طور، هٽ گهرجي. انساني سڄن جا شڪاري بن ٻن ۽ ٽن ٽي جي ٽولين ۽ شڪار لاءِ لڪرندا آهن. شڪار جي انتظار ۾، خواه اهو مرد هجي يا عورت، ڪمينگاه ۽ لڪي رهندا آهن، سندس سڄي هٽ ۽ ٻر وڌي، تمام گهڻي ٽڪڙ سان پنهنجي ڪوٽ ڪٽي ايندا آهن، جتي وڏن شادمانن سان سندن استقبال ڪيو ويندو آهي. ڪوڙان کي ٻهرمائين ٻن يا ٽن سڪل وڻ جي شاخن تي رکيو ويندو آهي، جي هرهڪ ڪوٽ جي ميدان ۽ وڏن ٻرڻ جي گهوري اندر ٻئل هوندا آهن، ۽ جي وهڻ جي جاءِ تي چو ڪر ڏيندا آهن. ٻوءِ تہ مالهو الهن جي چوڪرد ڇوندل خوشبوئن ڪندا ۽ خوب شراب پيئندا آهن. مٽي جو گوشت ڇڏهن سڙڻ شروع ٿيندو آهي، تڏهن اهو مالهو، جنهن اڳا سڄي وڌي هوندي آهي، ان کي يادگار طور محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجي گهر ڪٽي ويندو آهي ۽ سندس ٻيا سائي هٿ ۽ ٻرن سڻ ساڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارگذاري ڪندا آهن. ساڪي ئي سر جون رسمون ٻولاڻ جي اندروني علائقن ۾ آباد "ابوريجنز" ناليءَ هيٺ ٻوليو ۽ ادا ڪندو آهي.

ٻوٽا ناگا ٻوليءَ واري ۽ جو انهن متعدد وحشي ٻولين مان هڪ آهي، جي برهمپترا لڏ جي سرسبز ماڻي مان اپنڊز اوڀر پربت ٽين جي چار جي ڪنارن تي آباد آهن، جي وروڪڙ ڪيو، اوچن جبلن ۾ داخل ٿين ٿيون، هي رسم عام هوندي هئي ۽ اهي جو ماڻهو سان ملندا هئا، ان جا مٿا هٽ ۽ پير جدا ڪري، انسانيءَ جسم جي انهن وڌيڪ ڇڙين کي ڏکڻ لکڻ ۽ الڪاليءَ مٽي جاڙهي چڏيندا هئا، ۽ جيئن پوءِ فصل جي خاطري ٿئي. جن ماڻهن تي آهي انهي غير رسمي جراحي جو امڙو عمل ڪيندا هئا، ان جي خلاف سندن دلين ۾ ڪاوڙ ٻري ايٽ ڪاڙ هوندي هئي. هڪ دفعي، انهن هڪ جنگي چوڪري جي ڪل لاڻي ۽ سندس گوشت کي ٽڪر ٽڪر ڪري، سڄي ڳوٺ جي ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو، جو بدقسمتيءَ کي روڪن ۽ آن جي پان فصل ڪٽڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ اهي گوشت جا ٽڪر آن جي گندين ۾ ڪٽي رکيا. هندستان جي دراوڙ نسل جي "گونڊ" ناليءَ هڪ ٻوليءَ وارا، ارهين چوڪرن کي اغوا ڪري، ڪيئي مختلف موقعن تي قربان ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ قيد ڪري رکندا هئا. بچ ٻوکن ۽ لاچاري جي ولڻ تي، فتحياب جي جلوس ڪيڻ کان پوءِ، امڙن چوڪرن مان هڪ کي، زهر ۾ ٻڏل تير سان سوراخ ڪري ماريو ويندو هو. پوءِ سندس رت هر هڪ ڪوڙ ٻني يا پڪل آن مٿان چڙڪاءِ ويندو هو ۽ سندس گوشت کاڌو ويندو هو. ٻوٽا ناگور جي "اورالون" يا "اوراون" ٻوليءَ وارا "الٽا ڪٽاري" ناليءَ هڪ ڏوڪ جي اوڙا ڪندا آهن، جا پڻ فصل بخشي ۽ ماڻهوءَ کي شاهوڪار بڻائي سگهي ٿي. ار ڪنهن انهن ڪرڻ واسطي آماده ڪرڻ لاءِ، ماڻهن جون قربانيون ڏين ضروري آهي. برطانوي حڪومت جي جرڪسيءَ جي باوجود، اهي قربانيون اڃا تائين پوشيده طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍون وينديون آهن. عام طرح، جڏهن مالهو ڪنهن ٻئي وينڊا آهن، سڀ گهٽو ڪري رولو چوڪرا ۽ غريب ٻنوں هوندا آهن، جن جي گهڻ ڪنهن جي ۽ ڏان ئي ڪانه ايندي آهي. اپريل ۽ مئي جا اهي ٻ مهينا آهن، جڏهن الساني سڀ جا شڪاري ٻنهنجا خولخوار لڪڙا ڪٽي، ٽوسن لاه باهر نڪري هوندا آهن. اڙي وڃ ٿي، اجنبي مالهو اڪيلائي ۽ ڪيڏانهن ٻ ڏ وينڊا آهن ۽ والدين ٻنهنجن ٻارن کي ٻيلي ۽ داخل ٿين يا ڏاڙ وڃي وڃن جي اجازت ڏ ڏيندا آهن. جڏهن شڪاري ڪو شڪار هٿ ڪري هوندو آهي، تڏهن هو شڪار ٿيل مالهو جو گلو وڍي، سندس هٿ جي منڊي واري آڱر جو مٿون حصو ۽ ٽڪ وڍي، ٻاڻ سان گڏ کوٽ ڪٽي وينڊو آهي. ڏوڻي الهي مالهو جي گهر ۽ ٻنهنجو آسٽالو ٻڌائيندي آهي، جنهن ڪيس ڪرائي ايش ڪٽي هوندي آهي ۽ الهي وٽ کاڻ وڃي، سندس ٻنهن ٻيڙو اصل ڏيندڙن آهن. اها ڏوڻي گهر ۽ هڪ ننڍي ٻار جي صورت اختيار ڪندي آهي. گهر جو مالڪ، جڏهن ٻنهنجا آڻ چڙيل جانور گهر آيندو آهي، تڏهن هو ڏوڻي کي ڪٽي، ٻنهنجي جانورن جي ڏار کي ٻڌي ڪرڻ لاه، ڏار جي مٿان ليڙهون ڪاڌيندو آهي. ۽ جلد ئي هو بي آرام ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ڪيس تازي الساني رت ڏيڻ سان ئي ٺڏو ڪري سگهبو آهي.

ڪ الساني ڪرائڻن ڏاڍ جو هڪ مشهور و معروف مثال، جنهن ۽ پڻڻ فصلي حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاه باقاعده طور الساني پل چاڙهيا وينڊا آهن، ٻنگال جي 'ڪولبا' يا 'ڪالبا' ٽالي هڪ قبيلي جو آهي، جو ٻ درياڙي ٽمل جو هڪ ٻو ٻيلو آهي. انهن جي متعلق اسان کي جڪا معلومات حاصل ٿي آهي، سا انهن ڪرطاوي آبسرن جي ذريعي اسان وٽ پهتل آهي، جي اڻويهين صدي جي اڌ ڌاري الهي قبيلي جي ڪارروائن کي ڏيائڻ ۽ مصروف هٿاه اهي ڪرائڻون ڏرتي ڏوڻي، "ڌاري ٻنو" يا "ڪرا ٻنو" جي حضور ۽ ايش ڪيون وينديون هيون، جن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصد پاڻ نصاب جي هاطري ڪرڻ ۽ سياڻي سرڻن ۽ حادثن کان حفاظت حاصل ڪرڻ جو هو. خصوصي طور، اهي اربابيون هيڊ جي ٻوڪ لاءِ ضروري سمجهيون ويندڙ هيون، جو ته ڪوائڻ جو ان بابي ۾ هيءُ دليل هو ته رت وهائڻ کان سواءِ هيڊ جو رلڪ ٽيز سرڄ ڪو نه ٿي سگهندو. اربابن ٽيندڙ مائهو، يا "مورياه"، جيڪي ڪوائڻ کيس سڏيندا هئا، ديويءَ کي لفظ ان حالت ۾ ٻول ٻولندو هو، جڏهن کيس خريد ڪيو ويندو هو، يا اهو جنم کان ئي اربابن لئه لاءِ پيدا ٿيو هوندو هو— يعني جيڪڏهن هو اڙي ٻيءُ سان پيدا ٿيو هوندو هو، جنهن کي ديويءَ جي جبران ۾ قربان ڪيو ويو هو، يا جيڪڏهن کيس ننڍپڻ ۾ سندس ٻيءُ يا سنياليندڙ ديويءَ جي خدمت ۾ ارپڻ ڪيو هوندو هو. مصيبتن ۽ گهوريل ڪوائڻ گهوڪري، ٻنهنجن ٻارڪ کي الين قربان ڪرڻ لاءِ اروحت ڪندا هئا ۽ اڙيءُ طرح اهي "ٻنهنجي روح جي نجات هڪ ٻڪري آهر" ۽ ٻنهنجن ٻارڪ جو موت، السالذات جي ٻلائيءُ لاءِ التهائي معزل، سمجهندا هئا." ٻانولا ٻيلي جي هڪ مالهوءَ کي، هڪ دفعي، ڪنهن ڪوائڻ کي خوب گارهون ڏيندي ڏٺو ويو، جنهن وڏلدي وڏلدي ايڪ اهيءُ ڪوائڻ جي منهن ۾ ٽڪ ڪٽي اڇلائي، جو ته ڪوائڻ ٻنهنجي هڪ سڳي ٻار کي قرباڻ ڪرڻ لاءِ وڪيو هو، جنهن ساڻ ٻانولا شادي ڪرڻ ٿي چاهي. ڪوائڻ جو هڪ گروه، جو اهو تماشو ڏسي رهيو هو، هڪدم ڏوڪي اڪٽي آيو ۽ ٻار وڪٽندڙ کي هٽائي جڏهن تسلي ڏني ته "تنهنجو ٻار ان ڪري مئو آهي ته مائي ديوا الله رهي ۽ ڏاڍي ديوي خود پاڻ اها ٽڪ تنهنجي منهن تان اڳهي ڇڏيندي." قربانيءُ لاءِ مخصوص ٽيل مالهن کي قرباڻ ڪرڻ کان اڳ، ڪيترن سالن تائين ٻالي ويندو هو. اهڙن مالهن کي مقدس هستيون تصور ڪيو ويندو هو، جنهن ڪري انهن سان التهائي محبت پري هلت ڪئي ويندي هئي. ساڻ ولت سندن احترام ڪيو ويندو هو ۽ اهي جتي ۽ وڃي ڪراڙا هئا، آئي سندن آڇياڪ ڪئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. جڏهن کو "ميرياه" نوجوان بلوشت کي پهچندو هو، تڏهن کيس عام طرح زال ڏني ويندي هئي، جا گهٽو ڪري ٻار ۽ "ميرياه" يا اربابيءَ لاءِ مخصوص ڪيل چوڪري هوندي هئي. زال سان گڏ کيس زمين جو هڪ ٽڪر ۽ زرعي اوزار ۽ ٻيو گهرائو ساز و سامان ۽ ملندو هو. سندس اولاد ۽ اربابيءَ لاءِ مخصوص هوندو هو. انساني اربابيون ڏرلي ديويءَ کي مختلف قبيلا، قبيلن جون شاخون، يا ڪوٽ موسمي تقريبن ۽ ٻيو معمولي سوڦن لي ايندي ڪندا هئا. مختلف قبيلا ۽ انهن جون شاخون موسمي اربابين جو اهڙيءَ طرح انتظام ڪندا هئا، جو هرهڪ خاندان جي اولاد مڙس کي سال اندر گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو، پنهنجي پنن لاءِ گوشت جو هڪ ٽڪر، گهٽو ڪري، اهڙي وقت هٿ لڳي سگهي، جڏهن هو پنهنجي مکيه فصل جي پيڇي ڪرڻ جي تياري مڪمل ڪري چڪو هوندو هو.

انهن قبائلي اربابين ڏانهن جو طريقو هيٺ هو: اربابيءَ کان ڏهه يا پارهن ڏينهن اڳ، قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ جا وار وڍي، جي ان وقت تائين ان وڍيل ڇڏيا ويندا هئا، کيس اربابيءَ لاءِ اربن ڪيو ويندو هو. قربابيءَ جي منظر ڏسڻ لاءِ مردن ۽ عورتن جا هشام اچي ڪٺا ٿيندا هئا، ڪنهن کي ۽ الي حاضر رهڻ کان محروم ڪونه ڪيو ويندو هو، جو ڏاڍا اربابي سڃيءَ انسانذات جي پلاليءَ لاءِ هوندي هئي. اربابيءَ کان اڳ، گهٽ ڏينهن تائين خوب عياشي، شراب نوشي ۽ زناه ڪيو ويندو هو. اربابيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ، اربابيءَ وارن ماڻهوءَ کي نوان ڪپڑا پارائي ڪوٽ مان هڪ جلوس جي صورت ۾، تاج ۽ راڪب سان "ميرياه هڙيءَ" ڏانهن ويندو هو، جا ڪوٽ کان اوڀر اڌپرو، ڪن اهڙن پلالي وڻ جي هڪ جهنگلي ٻي مشتمل هئي، جن کي ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪهاڙي جو ڏسڻ لڳل ڪونه هوندو هو. انهي پوڄي، ڪيس هڪ ٽانبي سان چڪڙي ٻڌو ويندو هو، جو ڪڏهن خاص اسر جي ٻن اونڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي درميان ڪوڙو ويندو هو. ٻوه ٻيل ؟ ڪيئن ۽ هيڊ ملائي، ان کي سٽيو ڪيو ويندو هو ؟ ڪاڻ سان سينگاريو ويندو هو ؟ آنهي" سڄي ڏينهن جي دوراڻ ۾، سندس "اهڙي اسر جو احترام ڪيو ويندو هو، جنهن کي ٻوڌا ڪاڻ ممبز ڪرڻ آسان ناهي." هالي، سندس جسر مان ڪاڻ ڪاڍي، ننڍي خواه وڏي، لشالي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد شروع ٿيندي هئي، هيڊ جي ليٽي" جي هڪ ذري کي، جا ڪنهن لڏي ويندي هئي، يا سندس ٽڪ جي هڪ لطري کي، خاص طرح عورتون شاهي خصوصيت جو حامل سمجهنديون هيون. هوءِ ٿنب جي چوڏاري موسمي" جي تان" تي لڇندو هو ؟ ڏرتي" کي خطاب ڪندي چوندو هو ته "اي خدا، اسين لوڪي هي" قرباني ڏيڻ ڪريون ٿا، اسان کي سٺا فصل، سٺيون موسمون ۽ صحت عطا ڪر" ٻوه قرباني" واري ماڻهو" سان گڏالهائيندي، هيٺ چوندا هئا: "اسان لوڪي ليٽ تي خريد ڪيو هو ؟ زوري" ۽ پڪڙيو هو، هينئر اسين رسم مطابق لوڪي قربان ڪريون ٿا ؟ ان جو گناه اسان جي مٿان ناهي."

آخرين ڏينهن تي صبح جو وري ۽ عباشي" جو دور شروع ٿيندو هو، جو گذريل سڄي" رات جي دوران ۽ زوڪيو ٿي ۽ ويو هو، ۽ اهو سنجهند تائين هلندو هو، جنهن کان پوءِ اهو بند ڪيو ويندو هو، ۽ ٻيهڑ ماڻهو قرباني" جي رسم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مقرر جاءِ ڏانهن ويندا هئا. قرباني" واري ماڻهو" کي وري ۽ ايل مڪيو ويندو هو ؟ هرهڪ ماڻهو سندس جسر جي سٽين ٽڪر کي چڪي، هٿ کي لڳل ايل پنهنجي مٿي کي مکيندو هو. ڪن ڪن جاين ۽ قرباني" واري ماڻهو" کي جلوس جي صورت ۾ سڄي ڳوٺ ۽ در در ڦيرايو ويندو هو، جتي کي ماڻهو سندس مٿي ماڻ وار پٽيندا هئا ؟ ٻيا وري سندس اڪ جي هڪ لطري حاصل ڪرڻ لاءِ منٽ ڪندا هئا، جا اهي پنهنجن منهن کي مکيندا هئا. جڏهن ته قرباني" واري ماڻهو" کي، دستور موجب، پٽڻ جائز ڪونه هوندو هو ؟ نه ڪنهن مقابلي جو مظاهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کرڻو هوندو هو، ان کري سندس ماڻهن، ۾ ضرورت مطابق، لنگن جا هڏا ٽوڙڻا ويندا هئا، ار گهٽو ڪري، الهيءَ حفاظتي قدم جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي، جو ته ڪيئن آفيم سان مدهوش ڪيو ويندو هو. ڪيئن مارڻ جو طريقو جدا جدا جاءِ تي مختلف هوندو هو. سڀني کان زياده عام طريقو ماڻ هڪ ڪُهيڙي يا جيڻائي مارڻ جو هوندو هو. ڪنهن ماڻيوڻ جي شاخ کي گهٽن ٽوڻن جي ڏينگهه تائين وچون وچ چيرو ويندو هو، قربانيءَ واري ماڻهوءَ جي گردن (ڪن ۽ هنڊن تي جاڻي) الهيءَ جي ر وڏي ويندي هئي، جنهن کي ٻوچاري ٻنهنجي تائين جي مدد سان ٻنهنجيءَ اورڇيءَ توت سان بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، ٻوءَ هو الهيءَ ماڻهوءَ کي ٻنهنجيءَ کهاڙيءَ سان ٿورو زخمي ڪندو هو، جنهن تي ماڻهن جو هجوم الهيءَ بدبخت متان ڪٽي ٻوندو هو ۽ سندس هڏن مان گوشت کوري، باقي سندس مٽي ۽ آلڻيءَ کي چڏي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس چوري لي ڪر ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي، عام ماڻهن جي هجوم جي گهري جي وچ ۾، ٻنين سان گهليو ويندو هو، جي سندس مٽي ۽ آلڻيءَ کي چڏي باقي ٻڌي جسم تان چاقو سان ماس کوريندا ويندا هئا، تالجو هو مري ويندو هو. ساڳئي ضلعي ۾ قربانيءَ ڪرڻ جو هڪ ٻيو عام طريقو هيءَ هو ته قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي ڪاٺ جي هاڻيءَ جي باهر ڪڍل ڏاڍن ۽ ٻڌو ويندو هو، هاڻيءَ کي مضبوط ٽنب لي ڳرندو رهندو هو ۽ جيئن جيئن اهو ڦيرو ڀائيندو رهندو هو، ايئن ايئن ماڻهو صدلي واري ماڻهوءَ جي جسم مان تيستائين گوشت وڍيندا رهندا هئا، جيستائين منجهس ساهه باقي هوندو هو. ڪن ڪولن ۾، مجرم ڪميونل ڪاميءَ جا اهڙا چوڏهن هاڻي ڏڻا، جي اڳين قربانين ۾ استعمال ڪيا ويا هئا. هڪ ضلعي ۾ قربانيءَ واري ماڻهوءَ کي آهستي آهستي باهه لي ڇاڻي مارڻو ويندو هو. هڪ ميناهون ٽلهو ٿاهيو ويندو هو، جنهن جا ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياسا چيت وانگر لاهڻ ۾ هوندا هئا. قربان ڏيندڙ مالهوءَ جون
ٻانهون هڪ مضبوط رسيءَ سان سندس ٻنهي ڪان زور سان ٻڌيون
وينديون هيون ۽ اهڙيءَ طرح سندس ٽنگون ۽ جڪڙيون ويندڙ
هيون. ڪ جيڪو اهو گهٽو ڪ ڏڪي سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪوس
الهيءَ ڏاهي ٻي رکيو ويندو هو. اڪ ڪان ٻوءِ الهيءَ بد نصيب
کي ڏاهي جي لاهڻ ٻي. گهٽي ڪان گهٽي وات تائين هيٺ ۽
مٽي ليڙان ڀارائڻ لاءِ. ٻنهي پاسن کان ماهيون ڀاريون ويندڙون
هيون ۽ ڏڌهن هو ليڙيون ڏيندو هيٺ ايندو هو. ۽ هيڻان
رڙهندو رڙهندو مٽي ڇڙهي ويندو هو. ڏڌهن کيس گرم ٻڌيون
ڏيون ويندڙون هيون. ڇو ڪ جيڪو اهو زياده لڙڪ وهائيندو هو.
ٽيئن مالهن کي مينهن جي زياده مقدار ملهه ڏئي جو آسرو ڏيندو
هو. ٻي ڏينهن ٽي ان جي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو
ويندو هو.

قربان ڏيل مالهوءَ جي بدن تان جيڪو ماس ويڙي لاڙو ويندو
هو. سو هڪدم الهن ماڻهن هٿان گهر موڪليو ويندو هو. جن کي
هرهڪ ڪوٽ الهيءَ گوشت آڻي لاءِ ٻنهنجو نمائندو ڪري موڪليو
هوندو هو. گوشت جي ورت ۾ڇ جي خاطري ڪرڻ لاءِ. اهو
ڏڌهه ڏڌهن ماڻهن جي ٽولين هٿان، هڪ هڏ ڪان ٻي
تائين، ٽپالين جي ليڙيءَ سان پنجاه يا ست ميل دور ۾ڇاڙو
ويندو هو. هرهڪ ڪوٽ ۾ جيڪي ماڻهو گهر رهجي ويندا هئا. سي
گوشت جي ۾ڇ تاڻي، ڏاڍي ياديءَ سان روزو رکندا هئا.
گوشت آڻيندڙ گوشت کي ڪوٽ جي عام سڙ واريءَ جاه تي آڻي
رکندو هو، جتي ادري ۽ هر گهر جا وڏا ڪائنس اڌا اماڻ اچي
وٺندا هئا. ڪوٽ جو پنڊت الهيءَ گوشت جا حصا ۽ ريخرا ڪندو
هو ۽ الهن مان هڪ حصو کي هو پنهنجي ٻني ڏواڻي زمين
۾ ڪنڊ هڪ سوراخ ۾ دفن ڪري، "ڏرتي ديويءَ" کي پيٽ
ڏيندو هو ۽ ان طرف نهاريندو ڪونه هو. ٻوءِ ان جي مٿان هرهڪ
ماڻهو مٽي وجهي، گوشت جي الهيءَ ٽڪرڪي دفن ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ ٻنڊ هڪ ٻهاڙي ڪنوءَ سان الهي ۽ جاه تي پاڻي ۽ جا ڇڏا وڇيندو هو. پاڻي اڇيل گوشت کي آهو ٻنڊ ايترن حصن ۾ تقسيم ڪندو هو، جيترن گهرن جا وڏا ان واهه آڻي حاضر هوندا هئا. هر گهر جو وڏو پاڻي گوشت جو ٻڌنجو پنهنجي ٻڌ ۾ وڌي، آڻي پنهنجي ۽ پسنديده ٻانهي ۽ ڏانءِ ڪندو هو ۽ ان کي ڏاڪڻ ۽ داخل ڪرڻ وقت، پنهنجي ٻانهي قرباني آنهي ۽ ڪڏ طرف ڪندو هو، ته جيئن سندس نظر ان تي نه پوي. ڪو هنڌ تي، هرهڪ مالهو پنهنجو حصو انهي ۽ مسجد ۽ تي ڪڍي ويندو هو، جا ٻانهي ۽ کي سيراب ڪندي هئي ۽ هو گوشت جي آنهي ۽ ٽڪر کي هڪ اکڙي تي ٻڌي ڇڏيندو هو. ان کان پوءِ، ڏينهن ڏاڻ ڪنهن ۽ گهر کي ٻوهاري نه ڏاڍي ويندي هئي. هڪ ضلعي ۽ سختيءَ سان خاموشي اختيار ڪئي ويندي هئي، ڪنهن ۽ گهر مان باهر ڪڍي نه ڏني ويندي هئي، ڪاٻون نه وڍيون ويندڙ هونءَ ۽ ڪنهن ۽ اجنبيءَ جو استقبال ڪرڻ ڪيو ويندو هو. قربانيءَ ڏينءَ کان هڪ رات پوءِ، اراڪ ڏيل مالهوءَ جي پالي اڇيل (يعني مٿو، آلدا ۽ هڏا) عضون جي سخت چوڪسي ڪئي ويندي هئي، ۽ پئي ڏينهن تي، انهن عضون کي هڪ سچيءَ رڌ سان گڏ باهه ۾ ساڙيو ويندو هو. انهن جي سڙڻ کان پوءِ، جيڪا رک حاصل ٿيندي هئي، تنهن کي ٻنهه ۾ منتشر ڪيو ويندو هو، گهرن ۽ آڪ ۽ جي گدامن مٿان گاري طور ڇڻيو ويندو هو، يا ان آڪ ۽ کي جيئن جيترن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ، منجهس سيلائي رکيو ويندو هو. هڪڙهن هڪڙهن مٿو ۽ هڏا ساڙيا نه ۽ دفن ڪيا ويندا هئا. انساني قربانيءَ تي بندش وڌڻ کان پوءِ، ڪن ڪن هنڌ تي انهن جي بجاءِ هيٺين طبقن جي چاندارن کي قربان ڪرڻ شروع ڪيو ويو، مثال طور، چينا ڪمبوڊيءَ جي دارالحڪومت ۽ مالهوءَ جي جاءِ هڪريءَ اڇي والاري. کي ٻڌ ورڻ سڏڻ اراڪ ڪندا آهن. سڏڻ کي سندس مڙيءَ ۽ ڪالي جي هڪ ڪيلي ساڻ ٻڌو ويندو آهي ۽ مالهو ٻوڙ چالو ڪئي سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڌاري ٻاڪڻ واڪر لڳندا آهن ۽ ٻوهه، ڀٽڪي جانور ٿي حملو ڪري، ڪهن چند منٽن اندر ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندا آهي ۽ گوشت جي ذري ذري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان خوب وڙهندا آهن. جيڪو ٿي ڪنهن مائهوءَ کي گوشت جو ٽڪر هٿ لڳندو آهي، تهان ئي هو اڪ ٻڌنجيءَ ٻئيءَ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ انتهائي تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندو آهي، جو الدام رسم مطابق، ڪهن سڄاڻهن کان اڳ اها ڪارروائي اوري ڪرڻي هوندي آهي ۽ جيڪو ٻ الهن سان ڳهڻ کي تمام دور وڃڻو هوندو آهي، ان ڪري ڪهن تمام تيز ڊوڙڻو هوندو آهي. سڀ عورتون تيزيءَ سان ڊوڙندڙ مائهن جي ٻاهڪ پٺيان اچلائيندرون آهن، جو مائ کن جو نشان تمام ساڻ ويندو آهي. جلد ئي مقدس هڏي، چا ٽورو ئي وقت اڳ شور و غل جو منظر هٿي، ٽورن مائهن کان سواءِ، جي ماڻهن جي باقي بچل حصن، ڇڏڪ سريءَ، هڏڪ ۽ ٻيٽ جي چوڪسي ڪرڻ لاءِ رهجي ويندا آهن، خاموش ۽ غير آباد ٿي ويندي آهي ۽ الهن عضون کي، بعد ٻ، دستوري ساڻ سوڻ سان اربانگاه جي دامن وٽ باهه ٻ ساڙيو ويندو آهي.

ڪوبه قبيلي وارن جي الهن صدلن ٻ اساڻ جي اختياريءَ وارن "سوربامن" کي صدلي ڏيندڙ آهن مائهن جي حيثيت ٻ ڏيکاريو آهي، جي ڏرتي ديويءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪهن صدقي طور آڻيا ويندا آهن، ۽ الهن مائهن سان موت کان اڳ يا ٻوڙ جهڪا هلت ڪئي وڃي ٿي، تنهن ساڻ معلوم ٿي ٿو ته الهيءَ رسم جي سمجهاڻي محض ديويءَ کي راضي ڪرڻ جي اربانيءَ جي حيثيت ٻ ته ٿي ڏيڻي سنگهجي. گوشت جو ڪجهه حصو ڏيڻا ڏرتي ديويءَ کي آڇيو ويندو هو، ۽ باقي گوشت کي هرهڪ گهر وارو ٻڌنجيءَ ٻئيءَ ۾ دفن ڪندو هو ۽ صدلي ٻل ماڻهوءَ جي بدن جي باقي بچل حصن جي رک کي ٻنن ٻ ڦهلاءِ ويندو هو، آڳ جي ديوتا ٿي گاري جي صورت ٻ ٺاهيو ويندو هو، يا وري ٽئي آڳ ساڻ ملايو ويندو هو. الهن ٻنن رسمن ٻ هي

حقيقت پوشيده رکيل آهي ته "مورياه" جي جسر ڏانهن فصلي ڪنڊ
ايارڻ جي سڌي ۽ ڏاڪي اوت منسوب ڪئي ويندي هئي، جا
الهيءَ آڻ سڌي اثر کان بلڪل آزاد هئي، جو دعويٰ جي
هرشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس قرباني طور اوهن ڪرڻ سبب
منجهس ڪئي موجود هوندو. ان لفظن ۾ چڄي ته ماڻهن جو اهو
اعتقاد هو ته قرباني واري ماڻهوءَ جي گوشت ۽ رڳ ۾ زمين کي
آباد ڪرڻ جي جادوئي يا طبعي طاقت موجود هئي. ساڳي ئي
طاقت "مورياه" جي رت ۽ لڙڪن ڏانهن به منسوب ڪئي ويندي
هئي، يا سندس رت ڪي سرخي بخشيندي هئي ۽ ان جا لڙڪ
برسات پيدا ڪندا هئا، چوته، من ۾ مشڪل سان ئي ڪو
ڀيرو ڪري سگهي ٿو ته ڪر ازڪر اوائل ۾، سندس لڙڪن
لاءِ اهو اعتقاد هوندو ته سندس لڙڪ مينهن وسائيندا آهن ۽ نه
محض آن جي اڃ جي اٻهڻڪوئي ڪندا آهن. ساڳيءَ رت،
"مورياه" جي ڏان ٽيل گوشت متان پاليءَ اوان جي رسم، ٻئي
ڪنهن شڪ و شبهي جي، مينهن وسائن لاءِ جادوءَ جو هڪ ٽوڙو
هو. ورڻي، "مورياه" جي خوبيءَ طور، جادوءَ جي طاقت سندس
الهيءَ شاهاليءَ خصلت مان ظاهر ٿئي ٿي، يا سندس جسر مان خارج
ٿيندڙ هرشيءِ، جوڙڻ تڪ ۽ وارن ۾ موجود سمجهي ويندي
هئي. "مورياه" جي اهڙيءَ اوت سان وابستگيءَ هيءَ ڪاڻ ظاهر
ڪري ٿي ته هو محض ماڻهوءَ جي درجي کان بالاتر هو، جو
دعويٰءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ قربان ڪيو ويندو هو. هڪ دفعو
ورڻي ته هيءَ ڪاڻ ڪري اوي ٿي ته ڪيس جڪو ايتقا احترام
ڏيو ويندو هو، سو انهيءَ نتيجي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ميجر
ڪئمبل "مورياه" لاءِ چوي ٿو ته "ڪيس هڪ ڪالي انسان ڪان
زياده سمجهيو ويندو هو"؟ ميجر مڪڏرسن چوي ٿو ته "ڪيس
احترام جو اهو قسم ڏاڍو ويندو آهي، جنهن کي اوچا ڪاڻ ميز ڪرڻ
آسان ناهي". ٽوري ۽ چڄي ته "مورياه" کي ديوتائي هستي
سمجهيو ويندو هو. الهيءَ صورت ۾ هو اوائلي طرز ڏرتي ديوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شاهد اباتات جي ديوي" جي نمائندگي ڪندو هو، جڏهن
اوڻ ولڻ ۽ ڪنس ديوتا جي حضور ۾ آڇيل قربانيءَ جي حيثيت
۽ ۽ ديوتا جي روپ ۾ ڏاڍو وڻن لڳو. "سوراه" جي متعلق
قربانيءَ جي پڪري هٿ جي نظريي ڏي، ممڪن آهي ته اوراي
مصنفن، جن ڪوالڊ قبيلي وارڻ جي مذهب جي وضاحت ڪئي
آهي، اڃاهو زور ڏاڍو هجي. اوراي مبصر، جي قربانيءَ ڪي ديوتا
جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس حضور ۾ پيٽ ڏاڻ جي
اوڻن دور واري نظريي جا عادي آهن، جڏهن مذهبي ڪوس ڪي
رانهي" مذهور ۽ سمجهن لاءِ آماده رهن ٿا ۽ اهي هي" ۽ فرض
ڪن ٿا ته، جتي ۽ اهڙو ڪوس ڪيو وڃي ٿو، اتي لازمي طور
ڪو اهڙو ديوتا يا ديوي هوندي جنهن کي، قالڻ جي خيال
موجب، اهڙو قتل عام قابل قبول هوندو. چنانچه، هڪ ڪالهه جو
امڪان آهي ته، سندن اڪوات سوچيل نظرياتي لاشعوري طور، وحشي
قبائل جي رسم ورواج جي ماڻ کي، پنهنجو رلڪ ڏيڻي چڏين ٿا.
ديوتا جي نمائندي کي قتل ڪرڻ جي ساڳي" رسم جو،
جڏ جا "ڪوالڊ" قبيلي وارڻ جي قربانين ۽ زبردست آثار نظر اچن
ٿا، مٿي ذڪر ڪيل ڪن الساني قربانين ۽ شاهد ڪو سراغ
ملي ٿو. چنانچه، ذبح ڪيل "مٺرهو" جي رڪ کي پنهنجي ۽
منتشر ڪيو ويندو هو، برهمڻ چوڪري جو رت نصل ۽ بني"
تي اڇلايو ويندو هو، مقتول ٻاڪا جو گوشت اناج جي گندي" ۽
رکيو ويندو هو، ۽ سورڪس قبيلي واري" چوڪري" جي رت کي
بج جي مٿان قطرو قطرو ٽپي، ڪرڻ ڏاڍو ويندو هو. ورڇ، قربان
ٿيندڙ مالهو" جي اناج سان شناخت، پڻ لفظن ۽ ڪٿي جنجي ٿو،
آهو نظرين، ته "هو آڻ" جو روح آهي"، انهن مشقتن مان عيان
ٿئي ٿو، جي سندس ۽ الهي" قدرتي شيء جي درميان، جنهن جو
منجهس واسو هوندو آهي يا جنهن جي اهو نمائندگي ڪندو آهي،
جسماني مشابهت پيدا ڪرڻ خاطر ڪيون ويندڙيون آهن. چنانچه،
ميڪسيڪو جا باشندا ڪڏهي آن" لاءِ ننڍا ٻار، ۽ ڪل آڻ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ووڑها مائهو قربان ڪندا هئا، مثريءَ جي ٻيلي وارا "ڄ" طور هڪ ننڍي قد واري ٽلهي مائهوءَ کي قربان ڪندا آهن، جنهن جي قد جي ڪوٺاهي تازي جاول ان جي ننڍي قد سان مشابهت رکندي آهي ۽ سندس ٽولهه، الهيءَ حالت سان، جيڪا سندن مرضي هوندي آهي ته فصل حاصل ڪن، ۽ "ٻالي" ٻيلي جا ڪاڙها هندستاني ۽ شايد ساڳي ئي خيال کان انهن مائهو کي ٻالي الهه ڪندا هئا، جن کي ڪين قربان ڪرڻو هوندو هو ورڻ، قربان ٿيندڙ مائهوءَ جي آنَ سان شناخت، ڪيس ۽ ماڻهن ۽ ڪوڙرن سان ڪهڻ جي آفريڪي رسم ۽ ڪمن آنَ وانگر ٻ ٻئڙ جي وچ ۽ ٻڌڻ جي ميڪسيڪو وارن جي رسم سان سمان ٿئي ٿي.

انهن وحشي رسمن ۽ هڪ وڏيڪ نقطو قابل غور آهي. "ٻالي" ٻيلي وارن جي سردار "سوڪمن" ٻيلي جي چوڪريءَ جي دل کاڌي، ۽ مثريءَ ۾ گولي قبائل وارن قربانيءَ واري مائهوءَ جو ماس کاڌو. جيڪڏهن قربان ٿيندڙ مائهوءَ کي، جنهن اسين سمجهون ٿا، ديوتائي هستي سمجهيو ويندو هو، ته اهو هيءُ نتيجو لازمي طور نڪري ٿو ته سندس گوشت کائڻ ۽ آن جا اوجاري هيءُ اعتقاد رکندا هئا ته اهي خود انهنجي ديوتا جي جسم جو حصو ٿائي رهيا آهن.

۴- آن جي روح جو سندس انساني نمائندن ذريعي قبضو: جن وحشي قبيلن سڀني جو هينئر اڀاس ڪري آياسون، ان سان اسان کي يورپ جي لاڀاري وارين رسمن سان مشابهت رکندڙ ڪي ڪالهوڻ ملن ٿيون. جنانچ، آنَ جي روح ڏانهن آبادي جي جيڪا اوت بخش طاقت منسوب ڪئي وڃي ٿي، سا قربان ٿيل مائهوءَ جي رت يا رڪ کي ڇڻ سان ملائڻ جي وحشي رسم آهَ جي اولين شيءَ سان نڪتل داڻن کي ميسر اهار ۽ ٻڌڻ جاول آنَ سان ملائڻ جي يورپي رسم سان بلڪل هڪ ٿي نمونو سان ظاهر ٿئي ٿي. ورڻ، مائهوءَ جي آنَ سان شناخت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن جي لڏ و قامت ۽ چمڙ کي اربان ڏيندڙ ماڻهوءَ جي حاڪي يا متوازي لڏ ۽ عمر مطابق گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جي وحشي رسم مان بلڪل ساڳيءَ طرح واضح ٿئي ٿي، جهڙيءَ طرح اسڪاٽلينڊ ۽ آسٽريا وارن جي هٿن لاءِ ڏاڍن ماڻ، تہ جڏهن آن جي روح جو تصور "ڪنواريءَ" جي صورت ۾ ڪيو ويو، تڏهن آخرين آن نوجوان ڪنواري ڇوڪريءَ کي وڏي ڪري، ۽ جڏهن سندس تصور "آن-ماءُ" جي صورت ۾ ڪيو ويو، تہ ٻوءِ آخرين آن "اوڙهيءَ" عورت کي ٿئي ڪهڙي، ساڳيءَ طرح، اها حقيقت الهيءَ چتاءِ ماڻ ظاهر ٿئي ٿي، جو نوراڻ ۽ اوڙهين عورتن کي الهيءَ وات ۾ ڏاڍ لاءِ ڏنو ويندو آهي، جڏهن "اوڙهيءَ-عورت" کي قتل ڪيو ويندو آهي، يعني جڏهن ٻولين آن کي ڪاهو ويندو آهي، بلڪل ساڳيءَ طرح، اها حقيقت ٽائرول وارن جي الهيءَ آمد ماڻ ظاهر ٿئي ٿي، تہ ڪاهه وات جڏهن آخرين ڏڪ هٿندڙ جو لڏ ڏکهو هوندو تہ ايندڙ سال جو آن ۽ ڏکهو ڏيندو. ازانسواءِ، اها ساڳي شناخت، وحشين جي آن جي روح جي عوضيءَ کي اڇلڻ يا ڪوڙڻ سان ساڻ، يا ڪنهن ٻئي شڪر جي درميان جيڪڏهن يا جهڪ سان ماڻ جي ڏولڪ ڪرڻ واريءَ ٻوراڻي رسم ۽ ٻوشيده نظر اچي ٿي. اڄا ب، اربان ڏيل ماڻهوءَ جي گوشت متان ٻاڻي اوڙن جي ڪوبڙ ٽهيلي وارن جي رسم، آن جي روح جي شخصي نمائندي متان ٻاڻيءَ وڃڻ يا ڪنهن ٻاڻيءَ جي ڪنيءَ ۽ ڏڪيو ڏان جي ٻوراڻي رسم سان متوازن آهي. ٻئي رسمون، ڪوبڙ ٽهيلي ۽ ٻوراڻي آبادڪارن جون، مينهن وسائڻ لاءِ جادوءَ جا ڪرتا آهن.

اچو تہ هاڻي لٹريچر جي ڪاهه ڏاڻهن واپس اچون. هيءَ ڪاهه ڏوڪاري ويڙهي آهي تہ وحشي معاشري ۾، نصلن جي واڌ ۽ اضافي آڻڻ لاءِ، مالهن کي عام طور قتل ڪيو ويو آهي. ان ڪري، هن قياس ۽ ڪار، غير امڪاني ڪاهه، ڪاهڻ تہ ڪنهن زمالي ۽ فرائيڊيا ۽ يورپ ۽ ب، الهن کي ساڻي مقصد لاءِ قتل ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينڊو هو، ۽ جڏهن فرائيڊ وارن جي روايت ۽ يورپ وارن جي لوڪ - رسم، هڪ ٻئي سان قريبي طور متفق ٿيندي، هن فيصلي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون تہ ماڻهن کي درحقيقت، الهيءَ ئي مقصد لاءِ قتل ڪيو ويندو هو، تہ پوءِ اسان کي اهو فيصلو، ڪنهن ازڪر عارضي طور، تسليم ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ، ٽوٽيمزم وارو ڪاله، ۽ يورپ جون لاياري واريون رسمون، ٻئي هن ڪاله، طرف اشارو ڪرڻ ۾ متفق آهن تہ فرائيءَ واري ماڻهوءَ کي آڳ جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو ۽ اهو اشارو انهيءَ نظريي سان بلڪل ٺهڪندڙ آهي، جو ڪيڏ وحشي فرائيءَ واري ماڻهوءَ متعلق رکندا معلوم ٿين ٿا، جنهن کي انهن کي پاڻ کي ڪرڻ خاطر قتل ڪيو وڃي ٿو. انهن سيٽي ڪاله، جي سڌ نظر، اسين هيءَ اياس بخوبي ڪري سگهون ٿا تہ فرائيڊ ۽ يورپ، ٻنهي ۾، آڳ جي روح جي نمائندي کي هر سال ٻنهيءَ ئي قتل ڪيو ويندو هو. هو باري ۾ اعتبار رکن لاءِ اهڙا دليل اڳتي ڏيڪاريا ويا آهن تہ يورپ ۾، ساڳيءَ ريت، وڻ جي روح جي نمائندي کي هر سال ماريو ويندو هو. انهن ٻنهي عجيب و غريب ۽ اڻپر مشابهت رکندڙ رسمن جون ٿاٻڻون هڪٻئي کان بلڪل آزاد آهن. انهن جو الفالي اشتراڪ ٻنهي جي حق ۾ هڪ ٿورو فائديمند خيال مهيا ڪندو معلوم ٿئي ٿو.

هن سوال جو، تہ آڳ جي روح جو نمائندو ڪهڙي قسم جي سان منتخب ڪيو ويندو هو، هڪ جواب اڳي ئي ڏاڍو وڏو آهي. ٽوٽيمزم واري روايت ۽ يورپي لوڪ - رسم، ٻئي ڏيڪارين ٿيون تہ ٻنهيءَ وڻان ٺهڪندڙ اڻپر آڳ جي روح جا نمائندا سمجهيا ويندا هئا، جي ڪاهيل يا ڪاهيل آڳ سان ارار ڪيو رهيا هئا ۽ ان ڪري ڪين پڪڙيو ۽ قتل ڪيو ويندو هو، ۽ ان باري ۾ جيڪي شهادتون ملي آهن، تن مان فقط اهو ئي هڪ جواب نہ ٿو ملي. فرائيڊ واريءَ روايت مطابق، ٽوٽيمزم جا شڪار محض ڪي راهگير اڻپر نہ، پر آهي ماڻهو ۽ هوندا هئا، جن کي هڻڻ لاءِ، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقابلي ۾ جيتو هوندو هو ؟ بعد ۾ ڪين آن جي سٽن ۾ وڙهي، قتل ڪيو هوندو هو. هن کالهه سان هيءَ انومان ڪري ٿو ته آن جي لمالندن کي شايد لاباري واري پنيءَ ۾ مقابلي جي ٽيجي ۽ منتخب ڪيو ويندو هو ؟ آن ۽ هارائيندڙ اميدوار کي الهيءَ موتمار اعزاز ادا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو. الهيءَ ٽامن کي اورپ جي لاباري وارن رسمن وٽان حمايت حاصل ٿي رهي آهي. اسان ڏٺو آهي ته اورپ جي لاباري ۾ ڪڏهن ڪڏهن سيني کان پٽي رهجي وڃڻ کان پوءِ لاءِ مقابلو ٿيندو آهي ؟ جيڪو مالهو الهيءَ مقابلي ۾ هارائيندو آهي، يعني جيڪو آن لڙ ۾ سيني کان پٽي رهجي ويندو آهي، تنهن کي گهٽوڪري مار ڪري ويندي آهي. جيءَ هڪ حقيقت آهي ته آسان کي اهو معلوم ڪرڻ ڏوکو آهي ته الهيءَ ماڻهوءَ کي، جيڪو کاهه کاهڻ وقت آخرين ڏڪ هٽندو آهي، يعني جيڪو کاهه جي مقابلي ۾ هارائيندو آهي، تنهن کي قتل ڪرڻ جو ڏوڪ ضرور ڪيو ويندو آهي. هاڻي، جيئن ته آن جي روح جي لمالندي جي سرشت ۾ هيءَ کالهه شامل آهي ته اولاد رهل آهه جي کاهيندڙ کي مارڻ جو ڏوڪ ڪيو وڃي ٿو ؟ جيئن ته آخرين آن جي لٽندڙ ؟ سٽن پڌلدڙ جي اڳڙي لي لمائنده حيثيت آهي (جيئن اسين ڏسي آيا آهيون)، جڏڻي آخرين آن کاهيندڙ جي، ؟ جيئن ته الهيءَ سيني ڪن ماڻ هڪ ۾، پٽي رهجي وڃڻ کان لاباري ساڳيءَ لغرت جو اظهار ڪندا آهن، ان ڪري اسين هيءَ اندازو ڪري سگهون ٿا ته آخرين آن ويندڙ سٽين پڌلدڙ هواهه کاهه کاهيندڙ کي قتل ڪرڻ جو عام طرح سان ڏوڪ ڪيو وڃي آهي ؟ قديم زماني ۾ انهن ماڻهن کي، درحقيقت، قتل ڪيو ويندو هو. الهيءَ ٽامن جي ٻيراڻي عام ماڻهن جي هڪ وڏي ماڻ ٿي رهي آهي ته جيڪو ۽ اوبوڪ آن ويندو، سو جلد ئي مري ويندو. ڪڏهن ڪڏهن، هيءَ خيال ڪيو ويندو آهي ته جيڪو مالهو پنيءَ ۾ سيني کان آخرين سٽي پڌلدو، سو اٽڪل سال جي دوران ۾ مرندو. سيني کان اولاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءَ لٽيندڙ ستيءَ پڏندڙ ۽ گاهه گاهيندڙ کي آءَ جي روح جي لمائندي مقرر ڪرڻ جو سبب هيءَ هوندو. آءَ جي روح لاءِ ائين سمجهيو ويندو آهي ته اهو گهٽي کان گهٽي وقت تائين آءَ ر لڪو رهندو آهي ۽ اهو ڪم ڪندڙ لاءِ ستيءَ پڏندڙ ۽ گاهه گاهيندڙ کان پاڻ کي لڪائڻ لاءِ ٻئي هٿندو ويندو آهي، ارهن کي ڇڏهن آخرين وڻهل آءَ، يا آخرين پڏل ستيءَ يا آخرين گاهيل ڏالڻ ماڻ زورءَ ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو، ڏڪن هو لاچار ٿي، ڪائن کان علاوه، جي الهيءَ وقت کان ٻيشتر انهيءَ روح جو لباس يا جسم هٿان، کاڻي صورت اختيار ڪري ٿو. امڙيءَ طرح خارج ٿيل آءَ جو روح، انهيءَ ماڻهوءَ جي صورت کان علاوه، جو الهيءَ آءَ جي قريب ترين ٻئل آهي، جنهن ماڻ ڪيس (آءَ جي روح کي) تازو ئي ٻڪالي ڏاني وئي آهي، ٻيو ڪهڙو روپ زياده قدرتي طور اختيار ڪري سگهي ٿو؟ آهو ماڻهو لازمي طور، ٻولڻ آءَ جو لٽيندڙ پڏندڙ يا گاهيندڙ هڻ گهرجي. انهيءَ مرد يا عورت کي، اڻ ڪري، ڪڙي سائس اهو ملوڪ روا رکيو وڃي ٿو، جو هولڊ هوءَ آءَ جي روح ساڻ رکيو وڃي.

چنانچه، جنهن ماڻهوءَ کي لاباري واريءَ ٻيءَ ئي آءَ جي روح جي لمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويندو هو سو، يا ته ڪو واڻهڙو اجنبي هولڊو هو، يا اهو لاباريو هولڊو هو جو لٽل پڏل يا گاهن جي مقابلي ۾ ستيءَ کان ٻئي رهجي ويندو هو. ۽ ان باري ۾ هڪ ڏيون ٻ امڪان آهي، جنهن ڏاڻهن قدير روايت خواه جديد لاباري جي رسم، ساڳيءَ طرح اهاريو ڪن ڏيوڪ. ٿيورسز، فقط اجنبيءَ کي ئي قتل ڪرڻ ڪندو هو، خود ڪيس ٻ ٻيٽ قتل ڪيو ويو ۽ ظاهر آهي ته ڪيس ٻ الهيءَ ئي طريقي ساڻ ماريو ويو هولڊو، جنهن ساڻ هو ٻين کي قتل ڪندو هو، يعني آءَ جي ستيءَ اندر وڙهجي، يا گردڻ وڌائي، يا درياه ۾ اڇلائجي. هيءَ حقيقت ته پوشيده هولڊي ٻ ظاهر آهي ته ٿيورسز ساڻ اهي سڀ حادثا سندس ٻيءَ ئي ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيا هوندا. ساڳيءَ طرح، لاءُ جي جديد رسم ڏر قتل ڪرڻ جو ڏوڪ ٻنهي جي مالڪن (ڪڙميءَ يا زميندار) جي جسر سان ٿ، اوترو ئي جلد جلد ڪيو ويندو آهي، جيترو اڳينن سان. هاڻي، جڏهن اسين هيءَ ڳالهه ياد رکنداسون ته لٹيرسز ٺاهيڪا جي بادشاهه جو بٽ هو ؟ هڪ ٻيءَ روايت مطابق، هو ٻاڻ ئي الان جو بادشاه هو ؟ جڏهن اسين اهيءَ ڳالهه سان هن روايت کي ملائيندا سون ته ڪيس آنءَ جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويو هو، ته ٻوءَ اسان کي هيءَ انوسان ڪيڏانئي ويندو ته هيٺي ٿ، اسان کي الهن خدائي يا ويچاري بادشاهن سان وڌيڪ هڪ جو مثال ملي ٿو. جن کي هر سال قتل ڪيو ويندو هو ؟ جن لاءِ هيءَ ڳالهه مشهور آهي ته، انهن جو اولهه، ايشيا جي گهڻن علائقن، ۽ خاص طرح ٺاهيڪا ۾، جيڪاڻي آسلط ڇڻيل هو. معلوم ٿئي ٿو ته، اهيءَ رسم کي، جيڪا اسين ڏسي آيا آهيون، ڪن ڪن هنڌن تي ايترڀنڊو ڦرايو ويو آهي، جو بادشاه جي بجاءِ بادشاه جي بٽ کي قتل ڪيو ويندو هو. لٹيرسز جو قصو اهڙيءَ تبديل ٿيل رسم جو، ڪم از ڪم هڪ مشهور ۽، هڪ يادگار مثال هوندو.

هاڻي، اچو ته ڏسون ٿا، ٺاهيڪا واري لٹيرسز جو ٺاهيڪا واري انهن سان ڪهڙو تعلق هو. ان باري ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته، ايسين ۽—جو ويچاري بادشاهن جي سلسلي جو وڏو مرڪز هو—وڏي ويچاريءَ کي انهن جي نمائندي جي حيثيت ۾ هر سال قتل ڪيو ويندو هو، جو ڪائنات جو ڏيوتا هو ؟ هڪ قديم اختياريءَ مطابق، انهن جي وضاحت "آنءَ جو ٿيل سنگ" جي لفظن سان ڪئي ويئي آهي. چنانچ، سڪن آهي ته انهن کي، آنءَ جي روح جي نمائندي هٿ جي حيثيت ۾، جنهن کي هر سال سندس نمائندي جي ذريعي قتل ڪيو ويندو هو، آخرڪار لٹيرسز جو هر-وجود تصور ڪيو ويو هجي ؟ انهن ٻنهي ڏيوتائن سان ويوڻ، انهن جو نقطه هڪ ڏهاڙي ٿيڻو هجي، جنهن سان انهن جو سرڪاري مذهب آهستي آهستي ٿيوڊارئي ٿي ويو هجي. امڪان آهي ته انهن ٿيو هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ار ٻئي طرف، اورڀي ٽوڪ - رسم رسان کي چڱ ڏيڻي رهي آهي ته ساڳيءَ اوم وٺ، نيالات جي ٻن مختلف ديوتائن جا جدا جدا شخصي نمائندہ موجود ٿي سگهن ٿا، جن ماڻهن کي ديوتائن جي شخصيت ۽ سال جي مختلف وقتن تي قتل ڪيو ويندو هجي. چو ته معلوم ٿئي ٿو ته اورپ ۽، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، هڪ مالهوءَ کي عام طرح وٺ جي روح جي حيثيت ۽ اڻار جي موسم ۽ قتل ڪيو ويندو هو ۽ ٻئي کي، آن جي روح جي حيثيت ۽، موسم خزان ۽ ممڪن آهي ته فرائيگيا ۽ ۽، الهن ٻي ٽيندو هجي. انهن خصوصي طور، وٺ جو ديوتا هو ۽ آن سان سندس تعلق وٺ جي ديوتا جي طاقت جي محض هڪ اهڙي توسيع هجي، جا هاروست - مئي" جي رسم سان ظاهر ٿئي ٿي. وري معلوم ٿئي ٿو ته انهن جي نمائندي کي اڻار جي موسم ۽ قتل ڪيو ويندو هو، حالانڪ لئورنز کي، فرائيگيا جي لاباري جي وقت مطابق، اونهاري يا سرءَ ۽ قتل ڪيو ويندو هوندو. انهن ٻيني حقيقتن تي نظر رکندي، حالانڪ اسين لئورنز کي انهن جو هڪ امڪان تصور ڪري ۽ حق بجانب ڪوڙ آهيون، اڃ جي باوجود، انهن ٻنهي کي ساڳئي ٻڌ مذهبي نظريي جي متوازي ۽ڏاور سمجهي سگهجي ٿو ۽ انهن جو هڪ ٻئي سان اهوالي تعلق هوندو هو، جيڙوڪ اورپ ۽ لاباري جي "ورمرد" جو موسم اڻار جي "وحشي مالهوءَ" "بن جي مالهوءَ" وغيره سان هو. ٻئي نيالات جا روح يا ديوتا هڻا ۽ انهن ٻنهي جا شخصي نمائندا هر سال قتل ڪيا ويندا هڻا. ار، حالانڪ اتيس جي اوچا کي هڪ اعليٰ مقام حاصل ٿيو ۽ ڪيس سرڪاري مذهب جو ديوتو ۽ شان و شوڪت نصيب ٿيو ۽ اهو الليءَ ۽، قهلجي ويو، ار معلوم ٿئي ٿو لئورنز جي سائن سوٽن کي ٻنهنجي اصلي وطن، فرائيگيا، کان ٻاهر اڪرڻ جو موقعو ڪونه ملیو ۽ آهي هميشه لاءَ ٻنهنجي اصلوڪي دهقاني شڪل و صورت ۾ الم رکندا آيا، جن کي فرائيگيا جا ڪڙمي لاباري وارڻ ٻڌن ٿي ٿي ادا ڪندا رهيا. وڏ ۽ وڏي ڪجهه، ڪوٽ ٻاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪ ملي، ڪولبرن واڪر، ڪنهن ساٿيءَ کي هٽ ڪري، ڪيس آنَ جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾، عام مفاد لاءِ گڏجي قربان ڪندا هوندا. ممڪن آهي ته، صدقو ٿيندڙ امڙا مالهو ٻوڃاري بادشاهن جي مالڪن منڊ يا ڪنهن بادشاهه مان چونڊي ڪيا ويندا هٿا ؟ اها حقيقت هو ڪالهه جوسيپ فراهر ڪري ڏي ته، لٽيرسز ارالهيگا جي بادشاه جو بٽ هو، يا خود آڪاڻ جو بادشاه هو. جڏهن مختلف ڳوٺ ۾ ته ملندا هوندا، تڏهن هرهڪ ڳوٺ يا هرهڪ ڪٽنب، ڪنهن ته ڪنهن اجنبي راهگير يا امڙ لاباري کي قتل ڪري، جو ٿڻ، ڳچين ۽ ڪاهه ڪاهه ۾ سيني ڪاڻ ٻڌي رهجي ويندو هوندو، ٻڌجي لاءِ آنَ جي روح جو جدا جدا نمائندو حاصل ڪندو هوندو. قديم دؤر ۾ مالهو جي سيسن جي شڪار ڪرڻ جي رسم، آنَ جي واڌ ۾ اضافي آڻ جي هڪ ذريعي هٿ جي حيثيت ۾، شايد يورپ ۾ اولهه ايشيا جي وحشي قومن ۾ ايترڀقدر عام هوندي، جيترڀقدر اها اڄ تائين، يا ڪم از ڪم ڪجهه زمانو اڳ تائين، آسام، برما، ملائشيا برٽش ۽ هندستاني جزيرن جي موڙن جي وحشي آبادگار قومن ۾ عام هئي. هن ڪالهه جي اضافي ڪرڻ جي ڪا خاص صورت ڪالهه ته يورپ واڪر فراهر ڪيا ۽ ٻ، لاباري واريءَ ٻنيءَ يا ڪاهه واري ميدان ۾ مالهوءَ جي قتل ڪرڻ جي قديم وحشي رسم تاريخي دور ڪاڻ تمام گهڻو وقت اڳ، محض هڪ نقل جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي ؟ ممڪن آهي ته، خود لاباريا ؟ ڪاهه ڪاهيندڙ آڪ کي هڪ ٻي ڏانگي مسخري تصور ڪندا هجن، جنهن جي ڪري فصل گهر ڪٽي وڃڻ جي خوشيءَ جهڙي موقعي تي، عام آزاديءَ هٿ سڀ ڪنهن ۽ راهگير، ٻنهنجي سائيءَ يا خود ٻنهنجي مالڪ سان، شايد عام اجازت ملي هجي.

لٽيرسز راڳ تي سوچ هڻ ڪري طويل بحث ڪيو آهي، جو ته ان ۾ اسان کي يورپي ۽ وحشي لوڪ - رسمن جي مشابهت جا گهڻائي ڪيتا مان ڏاڍا اولهه ايشيا ۽ مصر جي لاباري وارن جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن گيتن ڏاڻن مٿي ڏيان ميڙول ڪرايو ويو آهي، ان کي هينئر زياده مختصر لفظن سان نظر انداز ڪري سگهجو. فرائيگيا واري لئبرسز جي ٻيڻها واري ٻورس سان مشابهت ۽ الهيءَ تشريح کي واضح ڪرڻ رهي آهي، جا لئبرسز جي متعلق ڏني ويئي آهي. ٻورس، جنهن جي موت، يا ڪٿي ڇڄي تہ گمشدگيءَ، تي لاءِ ارا هر سال مرثيہ خوانيءَ ذريعي ماتم ڪيندا آهن سو، لئبرسز وانگر، هڪ بادشاهہ، يا گهٽ ۾ گهٽ، هڪ شاهوڪار ۽ ممتاز شخص جو ٻٽ هو. جڏ لاءِ ارن کي هو جاڄي رهيو هو، سو سندس ٽي ٻڌيءَ ٽي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ هو آڻهن لاءِ ٻاڻي آڻيندي غالب ٽي ويو. هڪ روايت مطابق، ڪيس ارون ڪٿي ويئون، جي ٻنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، آڻهيءَ چشمي يا تلاءَ يا درياهہ جڏن ارين هيون، جتان هو ٻاڻي ٻرڻ لاءِ ويو هو. هن معاملي ۾ لئبرسز واريءَ ڪالهہ ۽ يورپ جي لوڪ-رسم جي روشنيءَ ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻورس جي اها گمشدگي، هوءَ زميندار کي آنءَ جي ستيءَ ۾ ٻڌڻ ۽ بعد ۾ ڪيس ٻاڻيءَ ۾ اڇلائڻ جي رسم جي هڪ يادگار هئي. لاءِ ارا جيڪو ماڻهو گوڪ ڪائيندا هئا، سو شايد آنءَ جي روح جي موت ٿي ماڻهہ هو جيڪو، يا تہ وڏيل آنءَ ۾ قتل ڪيو ويو هو، يا ڪنهن انساني نمائندي جي صورت ۾ ماريو ويو هو؟ اهي واکا ڪري، جيڪي ڪيس سڏ ڪيندا هئا، سي شايد ڪيس اينڊز سال وڏن ڏين طالت ۽ آستڪ سان واپس اڃ لاءِ ورائيندا هئي.

فولڪنيشيا جو "لائنس" گيت انگور چڻ واري وقت گايو ويندو هو، جيڏن اسان کي هومر وڌان معلوم ٿئي ٿو، ۽ اها گالهہ، سائيلوس جي ڏاڏڪڏا سان گڏ، اسان جي هيءَ گالهہ، واضح ڪري ٿي تہ قديم زمانيءَ ۾، انگور چڻ وارا ۽ انگور جي کوڙ وارا، راهگيرن سان ساڳيوئي سلوڪ ڪندا هئا، جيڪو لاءِ ارو لئبرسز سان ڪندو هو. ليديا وارو سائيلوس، هڪ روايت مطابق، راهگيرن کي ٻڌائي انگور جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائي ۾ زبردستي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو هو، تانجو هرڪيولس آڻي ڇڏي، ڪيس قتل ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندس سڀني ولن کي ھاڙون ٻني اڇلاءِ. اھا ڳالھ لٹيرسز واري ڳالھ جي خاڪي واڪر معلوم ٿئي ٿي. ر ان ۽ جيڪي خال رھيل آھن، تن کي پُر ڪرڻ ۽ اسان کي ان کو قدر مصنف ۽ ان کا جديد لوڪ - رسم مدد ڏني ٿي. ر ان کان علاوه، "لالنس" ڪيٽ شايد ٿوئيٽيشيا جا لاڀارا ۽ ڳالھيندا ھئا. جو ته، هوروڊوٽس اڃ جي "مٿيروٽس" ڪيٽ سان مشابهت ڪري ٿو جو جيڪي اسان مٿي ڏسي آيا آھون، سڀني لاڀارن جو مرڪو هو، جيڪو آھي ليڊل آف" مٿان ٻڌي آلاپيندا ھئا. اھ کان سواءِ "لالنس" کي. الڊوانس سان شناخت ڪيو ويندو هو ۽ الڊوانس کي خاص طرح آف" جي ديوتا سمجھي لاھ ٿوري گھٽي حجت موجود آھي. چنانچ، لاڀاري وقت جيڪو "لالنس" جو مرڪو ڪاڻو ويندو هو، سو الڊوانس جي مرڻي جڙوٽي هوندو، سنجھاڻن هر ھڪ مرڪو لاڀاري لٽ وارا آف" جي مرده روح مٿان ڳائيندا ھئا. ر ھڪ طرف جتي الڊوانس، اتين وانگر، ڏند ڪٿائن جي ھڪ شاھاڻي" هستي" ر تبديل ٿي وڃي، جنھن جي ٻوڌا ۽ ماٿر ٿوئيٽيشيا واري سندس اصلوڪي گھر ڪاڻ گھٽو دور، شاندار شھرڪ ڪو ويندو هو، ٻئي طرف "لالنس" محض ھڪ سادو ماڻھو ڪيٽ رھجي ويو، جو لاڀارا ۽ الگور جنھن وارا آف" جي سٽن مٿان ۽ الگور جي سٽن ر ڳالھيندا ھئا. لٹيرسز ۽ ٻوڌي ڏھاڙ وحشي لوڪ - رسم جي مشابھت ماڻ هي" اندازو ٿئي ٿو ته اڳتين دور ر ٿوئيٽيشيا ر ليڊل ٽيل آف" جي روح — مرده الڊوانس — جي لماڻندگي صدقي ٽيندڙ ماڻھو" جي ذريعي ڪٿي ويندي هئي ۽ انهي" الوماڻ جي تصديق هاڻ واري هي" روايت ڪري ٿي ته، ٽموز (الڊوانس) کي سندس ظالم مالڪ قتل ڪيو هو، جنھن سندس هڏا جڪي" ر ڏاھي، هوا ر منتشر ڪري ڇڏيا ھئا. جو ته ميڪسيڪو ۾، جتي اسين مٿي ڏسي آيا آھون، لاڀاري وات صدقو ٽيندڙ ماڻھو" کي ان اٽڪ جي درميان جھالڻو ويندو هو ۽ هندستان ۽ آفريڪا ر قربان ٽيل ماڻھو" جي رڳ ڪٽي، يا سندس جسم کي ناس ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان پوء باقي بچيل شين کي، ٻئين ۽ منتشر ڪيو ويندو هو. ار، سڪن آهي ته هاران واري روايت چڪي ۽ آ جي ٻيسجن ۽ ج جي ڦهلجن جي اظهار ڪرڻ جو محض هڪ ڏاڪڻائي طريقو هجي. هي ڪالهه، تابل ذڪر آهي ته بابل جي "ساڪائي" تقريب ٿي، لاڳوئن مهيني جي سورهين تاريخ ٿي، جنهن تقلي بادشاه کي قتل ڪيو ويندو هو، سو خود تموز جي نمائندگي ڪندو هو. چوٽ تاريخ لوئس ايروشن، جنهن الهي تقريب ۽ ان جي تاريخ جو بيان ڏنيندڙ ڪيو آهي، شايد مشبوواهه ڪئلينڈر استعمال ڪيو آهي، جو ان ٻڌيجي آجرار ڪيل تاريخ کي اٽڪوڪس سوٽر جي تالي ۽ اوڻ ڪيو آهي. ۽ سندس ڏينهن ۽، مشبوواها وارڻ جو لاڳوئن مهينو بابل وارن جي آموز مهيني سان ٺهڪندو هو. جڪڏهن اهو قياس صحيح آهي، ته پوء اهو نظريو، ته ساڪائي ميلي ۾ تقلي بادشاه کي ديوتا جي حيثيت ۽ قتل ڪيو ويندو هو، صحيح ثابت ٿئي ٿو.

هن باري ۽ ڪافي ڪٿي شهادت موجود آهي ته، مصر ۽ متوفي آ جي روح — مرده اٽڻواس— جي نمائندگي صدلي ٽينڊڙ مالهو" جي ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن کي لاءارا لاءاري واري" ٻڌي" ٿي قتل ڪندا هئا ۽ سندس موت ٿي. هڪ اهڙي" مرڻئي ذريعي ماڻر ڪندا هئا، جنهن کي ٻوڙائڻ ڪنهن زباني غلط فهمي" سبب "مشورومن" جو نالو ڏنو هو. جو ته، معلوم ٿئي ٿو ته بسورس جي روايت الهه انساني قربانين جي ياد محفوظ رکي آهي، جي ڪنهن زماني ۽ مصر جا باشندا اوسيرس جي ٻوڙا جي متعلق آنهي" ديوتا کي ڏيندا هئا. بسورس لاء جيو وجي ٿو ته، هو هڪ مصري بادشاهه هو، جو سيني اجنبين کي زيوس ديوتا جي قربان گاه ۾ قربان ڪندو هو. الهي" رسم جي بنياد جو سراغ اسان کي آنهي" قحط جي صورت ۽ ملي ٿئي، جو ٽيون سال تائين مصر کي ستائيندو رهيو. سائهرا جي هڪ درويش بسورس کي اطلاع ڏنو هو ته، اهو قحط هن شرط تي ختم ٿيندو، جڪڏهن زيوس ديوتا کي هر سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالهوءَ جي قرباني ايش ڪئي ويندي. سو، الهيءَ کالھ، تي ڪنڊ ڏيڻي، ٻيرمن قرباني جو بنياد وڌو. ۽، جڏهن هرڪيولس مصر آيو ۽ ڪيس قربان ڪرڻ لاءِ قربانگاهه ڏاڻهن کهليو ڏني ويو، اڏهن هن زنجير ٽوڙي، ٻيرمن ۽ سندس ٻئي ڪي قتل ڪري چڏيو. هن حالت ۾ ، هڪ اهڙي روايت ملي ٿي ته مصر ۾ فصلن جي ناڪاميابيءَ کي روڪڻ لاءِ، هرسال هڪ مالهو قربان ڪيو ويندو هو ۽ هيءَ اعتقاد پوشيده طور موجود معلوم ٿئي ٿو ته الهيءَ قربانيءَ کي نظر انداز ڪرڻ جي نتيجي ۾ اها قحط سالي وري اچي منهن ڪيلندي، جنهن کي روڪڻ الهيءَ قربانيءَ جو اصلي مقصد هو. چنانچه، جيڪڏهن ڏسي آيا آهيون "مالي" قبيلي وارڪ جو اعتقاد هو ته فصل ٻوڪڻ وقت، جڪڏهن انساني قرباني نه ڪبي، ته سندن فصل مڪمل طور تباهه ٿي ويندا. ٻيرمن ٽالو، دراصل، هڪ شهر جو نالو، "بي - آسارا" يعني "اوسيرس جو گهر" هو. الهيءَ شهر ۾ اهو نالو هن ڪري ٻڌو، جو اتي اوسيرس جي قبر هئي. درحقيقت، ڪن اعليٰ جديد اختياريءَ وارن کي اهڙي آهي ته ٻيرمن اوسيرس جو اصلوڪو گهر هو، جتان سندس پوڄا مصر جي ٻين علاقن ۾ ڦهلجي وئي. جيو وجي ٿو ته انساني قربانيون سندس قبر تي ڏيڻ ويندڙ هيون ۽ جن مالهن کي آتي قربان ڪيو ويندو هو، سي ڪاڙهه وارڪ وارا هوندا هئا ۽ سندن رڳ رگ کي چڄي ذريعي هوا ۾ منتشر ڪيو ويندو هو. اوسيرس جي قبر تي ايش ٽيندڙ انساني قربانين جي روايت جي ڪاتي آثار جي بادگار ۽ موجود آهي.

مٿي بحث مڪمل حقيقتن جي روشنيءَ ۾، ٻيرمن واري مصري روايت، هڪ مستند ۽ ڪافي حد تائين امڪاني، اشارچ مڙيا ڪري ٿي. اوسيرس، يعني آنّ جي روح جي نمائندگي هر سال لاباري وقت هڪ اڇي مالهوءَ ذريعي ڪئي ويندي هئي، جنهن جا سرچ وار ڪيس ڪل آنّ جو هڪ موزون نمائندو بڻائيندا هئا. الهيءَ مالهوءَ کي، لاباري واريءَ ٻڪريءَ تي آنّ جي روح جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمائندي جي حيثيت ۾ لفظ ڪوويندو هو ؟ لاياڙا سندس ماتم ۾ ڪندا هٿا ؟ ساڳئي وقت اها ۾ارڻنا ۾ ڪندا هٿا تہ آڪ جو روح ڪنهن ٻئي طاقت ساڻ ايندڙ سال، دوباره زنده ٿي، وٽن واپس اچي (معاف ڪجي رهايو منهنجو). سڀ کان اهم، صدائي واري ماڻهوءَ يا سندس جسر جي ڪجهه حصي کي ساڙيو ويندو هو ؟ سندس رک کي ٻئي ڪي آباد ڪرڻ لاءِ، ڇڇ ساڻ ٿهلايو ويندو هو. هن حالت ۾ قرباني واري ماڻهوءَ کي، آڪ ساڻ مشابهت هڻڻ جي سبب ڪري ، جنهن جي ڪري نمائندگي ڪرڻي هوندي هٿي، سندس انتخاب هن کان اڳ ٻاڻ ڪيل آهي ؟ سڪسيڪي رسم ساڻ ٿهڪي اچي ٿو. ساڳئي طرح، سڪسيڪو وارن جي وچ اونهاري واري قرباني ڏينهن جي مولچي تي، جڪا عورت "آڪ-ماءُ" جي حيثيت ۾ مرندي هٿي، تنهنجي منهن ڏي آڪ جي مختلف رنگن وانگر سرخ ۽ زرد رنگ لڳايا ويندا هٿا ؟ مڪالي جي سنگن جي هڪ مڇي جي لفظ ڪرڻ لاءِ، سندس مٿي ۽ دنڊيءَ جو هڪ تاج وڌو ويندو هو، جنهن ۾ هوا ۾ لڏندڙ ڪنب لڳل هوندا هٿا. ٻئي طرف، "سفيد مڪالي" جي ديوءَ جي سهلي ٿي، سڪسيڪو جا باشندا ڪوڙهه جي مرضن کي قربان ڪندا هٿا. روسي باشندا موسم بهار ۾ "ڪتي-ستاري" جي ساڙيندڙ اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ، ڪاڙهه ڪتڙن کي قربان ڪندا هٿا، جو سندن اعتقاد هو تہ الهي طرح فصل پچندا ؟ سرخ ٽيندا. هاران جا ٻه برسات سج، چنڊ ۽ ٻن گرهن کي اهڙي ماڻهو جوڪ قربانيون ڏيندا هٿا، جن کي الهه آسماني سيارن سان مشابهت هڻڻ جي بناءَ تي منتخب ڪيو ويندو هو، جن جي زال ۾ڪڻ قربان ڪيو ويندو هو. مثال طور، اوجاري ٻاڻ سرخ ڪپڙا پائي ؟ بدن کي رت لڳائي، ڪاڙهن وارن؟ ڪاڙهن کان واري ڪنهن ماڻهوءَ جي قرباني "سرخ سياري، مريخ" جي حضور ۾، هڪ اهڙي مندر ۾ ڏيندا هٿا، جنهن کي ٻن ڪاڙهو رنگ ڏنل هوندو هو ؟ آڪ ۽ ڪاڙها ڏڙا لٽڪيل هوندا هٿا. قرباني واري ماڻهوءَ کي الهه ديوتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا قدرت جي الهيءَ نظام سان، جنهن جي اهو ديوتا نمائندگي ڪري ٿو، ملائي هڪ ڪرڻ جي الهيءَ ۾ بن اهڙا مثالي جوڙ ٻنهي آخري طرح، هر آهنگ يا لقال جادوءَ ۾ اڻ ٻڌل آهي ۽ هيءَ نظرو پوشيده آهي ته جنهن مقصد حاصل ڪرڻ جو ارادو هجي، سو هڪ اهڙيءَ قرباليءَ وسيلي ڏاڍيءَ آسانيءَ سان حاصل ٿي سگهندو، جا الهيءَ لتيجي سان مشابهت رکندڙ هجي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اها قرباني ڪئي وڃي.

هيءَ ڪالهه، ته اوسيرس جي جسم جا ٽڪر زمين ۾ هڏالهن هوڏالهن منتشر ٿيل پيا هئا ۽ الهن کي آسيس ديويءَ الهن ساڻن ٿي جاڻ ته دفن ڪيو هو، جتي هُن آهي لڌا هئا، سڪ آهي ته ڪوبلا ٻيلي وارن ۾ ڪنهن اهڙيءَ رسم جو ياڊگار هجي، جنهن ۾ قرباليءَ واري ماڻهوءَ جي جسم کي ٽڪرڻ ۽ تقسيم ڪري، اهڙن مختلف ۽ دور دراز هنڌن ۾ ٻنين ۽ دفن ڪيو وينڊو هجي، جي گهڻو ڪري هڪڙي ڪاڻ گهڻن سالن جي دوريءَ ۾ واقع هجي.

جنانچ، جڪڏهن آ صحيح آهيان ته، ته اوسيرس جي اسرارن جي ڪنجي، مصري لاياڻ جي آها درد ڀري صدا سڀا ڪري ٿي، جا روسي دور تاڻي سال بسال ٻنين جي اڌاڻ ۾ ان ٻاڻاڻ وسڻ ۽ ٻڌڻ ۽ اينڊي هئي، ۽ جا آڻ جي روح جي موت جو اعلان ڪندي هئي، جو اوسيرس جو هڪ دهتالي تعزيه هو. ساڻين ۾ صدائون، جيڪي اڄ ٻنهي ساڻ ۽ ٻڌڻ ۽ اينڊين آهون، اولهه ايشيا جي سيني ٻنهي ساڻ ۽ ٻڌڻ ۽ اينڊين آهون، لڌم دوريءَ ساڻين الهن کي راڳ سڏيو آهي، برلائنس ۽ ملنيروس جي تاڻ جي تجزيي ڪرڻ ساڻ معلوم ٿيو آهي ته الهه ۽ شايد کي ٿورائي اهڙا لفظ هوندا هئا جي ڪيئ راڳ جو درجو ڏيڻ سگهيا. ٿلهي؟ ڏکيو آواز واري اهڙي صدائي جو اثر حيرت انگيز ٿيندو هوندو، جي هڪ ڪاڻ وڏي زوردار آواز وارا ماڻهو گڏجي بلند ڪندا هئا، ۽ جي ڪنهن ۽ اهڙي راهگير جو ڌياڻ پاڻ ڏانهن چڪ ڪاڻ بمشڪل ناڪامياب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندڙن هوندڙن، جنهن جي ڪنن تائين اهو آواز پهچندو هوندو. اهي آواز، جي بار بار ڏهرايا ويندا هئا، ڪافي آسانيءَ سان گهٽي مقابلي ۾، سچائيءَ ۽ ايندا هئا، ۽ ايشيا ۽ مصر جي سور ڪندڙ ڪنهن به، ٻولائي سڀاڻ کي اهي لفظ گهٽو ڪري، ٻي معنيٰ معاوضو ٽيندا ۽ امڪان آهي ته هو انهن کي، بلڪل فطرتي طرح، ڪنهن اڳئين ساڻيوءَ جو نالو (مشيرومن، لائنس، ليور ز، ٻورمس) سمجهندو هوندو، جنهن کي لاباري وارا مدد لاءِ پاڏائي رهيا هئا. جڪڏهن ٻنهنجي سفر جي دوران ۾ هُن کي هڪ ڪاڪ وڏي ملڪي، چڙوڪ ٻاڪٽينا، ڏرائيگيا ۽ مصر جي لاباري واري سير ڪرڻ جي ضرورت ۾ ٿئي هوندي، ته ٻوڪ ڪوس مختلف ملڪن جي لاباري وارن صدائن جي مشابهت ڪرڻ جو مولعو ۽ ضرور ملهو هوندو. چنانچه، اسين هيءَ ڪالهه بخوبي سمجهي سگهون ٿا ته جو، ٻولائي سڀاڻ لاباري جي انهن صدائن جو گهٽو ڪري خيال رکندا ۽ ڪن هڪ ٻئي سان ٻڌندا هئا ۽، جڪڏهن اهي صدائون باقاعدي طور واڪ هجن ها، ته اهي اٽرن مقابلي ۾ ٻڌڻ ۽ ته اچن ها ۽ ان ڪري اٽرن سارڻ سائن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ته ڇڪي سگهن ها. ان کان علاوه، جيڏوڪ ڪو راهگير اٽري مقابلي ۾ اينڊ هجي ها، جو انهن کي آسانيءَ سان ٻڌي ۽ سگهي ها، ته ۽ هو انهن لفظن کي اڳئين آسانيءَ سان شناخت ته ڪري سگهي ها.

تورو ۾ زماوٽيو ته ڏيوون شاهر جا لاباري ساڻيءَ قسم جون صدائون بلند ڪندا هئا ۽ ٻنيءَ ۾ هڪ اڳئي رسم ادا ڪندا هئا، جا انهيءَ رسم سان بلڪل مشابهت رکندڙ هوندي هئي جنهن سان، جڪڏهن آ غلط ناهيان، اوسوس جي ساڻي جو ٻڌاد لڪتو هو. انهيءَ داڻن ۽ رسم جو هڪ مبصر الوڊون جدي جي هيٺين اڌ ۾ هيءَ ٻاڻ لکيو آهي: "ڏيوون جي اڌ ۾، زياده تر ٻنهن ۾، جڏهن سج ڪڪ لڄي وڃندو آهي، تڏهن لاباري ڳلو ٽاڙي رڙ ڪرڻ جي رسم ادا ڪندا آهن. منهنجو خيال آهي ته انهيءَ رسم ڪنهن ملڪ جي انهيءَ علاقي جي ڪنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ڪيت تي مشڪل ئي لطرانداز حڪو ويندو آهي. انهيءَ جي ادا ڪرڻ جو طريقو هيءَ آهي: هڪ ٻر مرد يا ٻو ڪو اهڙو ماڻهو، جو انهيءَ موقعي تي (جڏهن ڪهي ڪاميٽي ڪٽڪ جي آهرين ٻني ٿيندا آهي) ادا ٿيندڙ سيني ساڻن ڪاڻ ٻخوبي واقف هوندو آهي، سو ٿيڻ آنءَ جي مٿين ۽ ڏاڙن ڏاڻين ويندو آهي ۽ هو جيترا ۽ بهترين سنگ گولي سگهندو آهي، ان جي هڪ سڌي چوليءَ ڪٽي ايندو آهي، انهيءَ سڌيءَ کي هو بلڪل صاف طريقي ساڻ ڏاندو آهي ۽ آن جي ٻن ڪي وڏي هيڏي، ڏاڍيءَ نفاست ساڻ ناهي رکندو آهي. انهيءَ کي ڪٽڪ يا ڪٽڪ جي سنگن جي "ڪچي" سڏيو ويندو آهي. جڏهن ٻني ٿيڻي ويندي آهي ۽ دلو وري ٻهر ٿهراءُ ويندو آهي، تڏهن لاءَارا، مٿين بڏن وارا ۽ عورتون گول چڪر ناهي ٻهندڙ آهن. جنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ "ڪچي" هوندي آهي، سو وچ ۾ ٻهندو آهي ۽ آن کي ٻني مٿن ۽ مضبوط پڪڙي جهلندو آهي. ٻهرائين هو اولڏو ٿيندو آهي ۽ "ڪچي" کي زمين جي اوڀ جهلندو آهي، چڪر ۾ ايئن سڀ ماڻهو ٻنهنجا ٽوپلا لاهي، اوڏا ٿيندا آهن ۽ ٽوپلن کي ڏرتيءَ جي اوڀ آڻي ٻني مٿن ساڻ مضبوط ڪري جهلندا آهن. آن کاڻ ٻوءِ، اهي سڀئي ڪڏهن هڪ ئي وقت تمام ڏاڍي ۽ سريلي آواز ۾ هيءَ صدا بلند ڪرڻ شروع ڪندا آهن "ڪچي" ۽ ساڪٽي وقت آهي آهستي آهستي ٻاڻ کي سڏو ڪندا ويندا آهن ۽ ٻنهنجون ٻانهون ۽ ٻنهنجا ٽوپلا مٿن کاڻ بلند ڪندا ويندا آهن، 'ڪچيءَ' وارو ماڻهو، ان (ڪچيءَ) کي مٿي ڪندو ويندو آهي. ٽي دفعا ائين ڪيو ويندو آهي. آوه آهي ٻنهنجي صدا کي تبديل ڪري — 'وي - ٻهڙا'، 'وي - ٻين!' — چوندا آهن ۽ انهن لفظن کي، ساڪٽي ڏاڍي آواز ۾، اڪٻي واڪر آهستي، عجيب هرآهنگيءَ ۽ اثر سان ٽي دفعا ادا ڪندا آهن. انهيءَ اولين صدا سان ۽ بدن ۽ ٻانهون جون ساڪيون ٽي حرڪتون ڪون ويندون آهن، جڙيون 'ڪچي' واريءَ صدا سان ..... اهڙيءَ طرح 'ڪچي' ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'وي ين' ٿي دفعا ڏهراڻي، اهي سڀئي وڏي آواز ۾ هوشيءَ وڃان ٿهڪ ڏين، ٻڌڻجا ٽوپلا ۽ ٽوپون مٿي هوا ۾ اڇلائن، هڏاڻهي هوڏاڻهن ڪڏن ۽ ٽپن ۽ شايد چوڪريءَ کان ٻيار وٺن شروع ڪندا آهن. پوءِ انهن مان هڪ ٻڌي 'ڪچي' ڏانهن ويندي آهي ۽ هو پوريءَ طاقت سان زميندار جي گهر ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪندو آهي، جتي ڪير واري چوڪري يا ٻي ڪا نوجوان گهرواڻي نوڪرياڻيءَ سان ڀرين بالٽي هٿ ۾ جهلي، دروازي تي تيار بيٺي هوندي آهي، جيڪڏهن آهو ماڻهو، جنهن کي 'ڪچي' هوندي آهي، ڪوڙي رستي کان، ۽ ظاهر ظهور آهيءَ دروازي کان سواءِ، جنهن تي چوڪري ٻاڻي جهلي تيار تي بيٺي هوندي آهي، گهر اندر داخل ٿين ۽ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ته پوءِ ڪيئن انهيءَ چوڪريءَ کان ٻيار وٺڻ جو حق ملندو آهي، ۽، جيڪڏهن اڃا نه ٿيو، ته پوءِ ڪيئن بالٽيءَ ۾ ٻيل ٻاڻيءَ سان باقاعدي تربيت ڪيو ويندو آهي. "هڪ سڀئي" ۽ خاموش سرءَ جي شام جو، 'انهيءَ ڪچيءَ جي صدا' جو دور مقابلي ۾ عجيب ۽ غريب اثر هو. جو هڪ ٻرڪ مؤذن جي بانگ کان، جنهن جي لاءِ بالڻ هيڏي قدر تعريف ڪئي آهي، ۽ جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته اها سڄي عيسائي دنيا جي گونڊ کان زياده ولندڙ آهي، گهٽي قدر دل لبائيندڙ هئي. مون هڪ يا ٻه دفعا ويهن کان زياده ماڻهن جي واتان اها رڙ ٻڌي آهي، جن ۾ هڪڙهي ڪڏهن اوري قدر ٽي زنار آواز ۽ شامل هوندا آهن. الڪل ٽي سال اڳ، مون مٿاڻهن ٻٽ ۾، جتي اسان جا ماڻهو لاهارو ٿي رهيا هئا، مون هڪ ٽي رات اندر چوڏهن يا ستن 'ڪچين' جون صدائون ٻڌيون، حالانڪ، مون کي خبر آهي ته انهن مان ڪي ڇهن سهڻن جي دورهءَ تان اڃي رهيون هيون، ڪڏهن ڪڏهن، اهي شام جي خاموش فضا ۾ ڪاڻي گهٽي مقابلي تان ٻڌڻ ۾ ايندڙ هونآهن." وري، مسز ري ٻڌائي ٿي ته ڪيئن ڏيهوڻ شاهر مان سفر ڪندي، "هن لاهاري وارن جي هڪ گروهءَ کي مٿاهينءَ زمين تي گول حلقي جي صورت ۾ ٽپي ۽ ڏاڍا مٿي جهليندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو. انهن ماڻ هڪ ڇڙو ٻڌائڻ هٿ ۽ ڪلهو سان ڪڏ هڏل آهي ۽ ڇا سڪجي. سنڪ مٿي ڇڪيو ٻڌو هو ۽ مجمعي ۾ دلڪا وڌي آواز سان رڙ ڪري ڇڏو (جيڪو هو لڪي رهي آهي) 'آرلٽڪ، آرلٽڪ، آرلٽڪ، وڏي هٿوڙي، وڏي هٿوڙي، وڏي هٿوڙي' ۽ اهي ٻڌائڻ لڳا ۽ ٻارن سان ڪڏڻ، ڪلهو ڇڻ تاريڪ سان ڪٽي، ڪاڌندا ۽ رڙيون ڪندا گهر وبا". مسز بري سان جيڪو مرد لوڪر سان هو، تنهن ڇوڙ ۽ "اهي ۽ فقط ماڻهو هٿا، جي همشه والگر لاباري جي 'روح' لاءِ ٻڌائڻ واندرون رڇائي رهيا هٿا." هتي جيڪو من ڏي ڇوڙي ٿي، "'آرلٽڪ وڏي هوڙي' جي ڏيوڙن شاعر جي لي" ۽ معني شايد، 'اي ليڪ (يا لٽڪ) وڏي هڙ آڻ' (هڪ ڇڻ اسان وٽ آهي) آهي."

الهي" الدبر رسر جو هڪ ٻوه ٻاڪ، جو سنه ۱۸۳۵ع ۽ ڏورو وٽ لکيل هو، هيئن آهي: "هاڻي، جڏهن هليگان وٽ سڃواڻ "لڇي ويندو آهي، تڏهن ڪڙمي مرد ۽ ڪٽوارڙون چوڪريون گهر جي ساڻيون ايندڙون آهي ۽ ٻاڻ ساڻ گڏ آڻ جي هڪ مٿي ڪٽي ايندڙون آهن، جا سيتي ڪان ٻوه وڏي وڻي هوندي آهي، ۽ الهي" ڪي رهڻن ۽ ڪلهو ساڻ سنگاريو ويندو آهي، آڻ جي هڪ حصي ڪي مضبوط ڪري سوڙهو ڇڻيو ويندو آهي، ۽ جيڪو اهو طرف ڇڻي" والگر نظر اچي. ٻوه اهي رڙ ڪري، وڏي ڪاڪ وڏي آواز ۽ چوندا آهن، 'اسان جو (منهنجو) طرف'، 'اسان جو طرف'. ٻوه ڪر واري چوڪري اها 'ڇڻي' ڪڙمن جي مهندار ڪي ڏيندي آهي، جو ڪالهس اها وڻي، وڏي آواز ساڻ ڪي دلڪا هيٺ چوندو آهي، 'تو وٽ ڇاهي؟ تو وٽ ڇاهي؟'، تو وٽ ڇاهي؟' ٻوه ٻهڙوڙ چوندو آهي، 'هڪ ڇڻي، هڪ ڇڻي، هڪ ڇڻي' ۽ جڏهن اهو الهن ڇڻي ٻڌ ڪندو آهي، تڏهن سڀئي ماڻهو وڏو شور و غل مچائيندا آهن. اهي ڪي دلڪا ڏيئن ڪندا آهي ۽ هڪ وڏي رڙ ڪرڻ ڪاڪ ٻوه، الاڻ هليا ويندا آهي ۽ خوب ڪاڌندا، ڇندا ۽ راڪب ڪاڌندا آهي." هڪ ڇڻي ٻاڪ مطابق، "جڏهن آخرڙ آڻ لڇيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٽي سڳهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمـلَ مـان ڪـو بـہ مـالي فائدو يا نفعو حاصـل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڑهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڀاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن **The Reading Generation**



جادو ۽ سائنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس.

(ٿن جلدن ۾)

— جلد ٻيون —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ڏيون —

از

سر جيمس جارج فريزر

ترجمو

سومار علي م . سومرو

بي - اي (آنرس).

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ،
بندر روڊ ڪراچي.

تلڪ چاڙهي ،
حيدرآباد ، سنڌ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون ۱۹۶۱ع ۲ هزار کاپيون

هن ڪتاب جي اشاعت جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.



ملڻ جو پتو :-

۱- سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي.
۲- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال، اسٽيشن روڈ، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب "نواءِ سنڌ" پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو
۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مترجم جو ذوٽ

علم الانسان جي ماهرن جي راءِ آهي تہ حضرت انسان، جو اسان کي ڏري گهٽ ترقيءَ جي بنهہ عروج تي نظر اچي رهيو آهي، سو اڄ کان ڪروڙين سال اڳ انتهائي وحشي حالت کان درجي بدرجي ترقي ڪندو، سَسَ پنهنجي موجوده منزل تي رسيو آهي. اڇوڪي تهذيب ۽ تمدن، جنهن تي اسين ايڏو نازڪري رهيا آهيون، سا نہ هڪ صديءَ جي پيدائش آهي، ۽ نہ ڪنهن هڪ زماني جي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اها انسان کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان آهستي آهستي ورثي ۾ ملندي آئي آهي—اهي ابا ڏاڏا، جن کي اڄ اسين اڻ سڌريل ۽ وحشيءَ جهڙن حقارت آميز خطابن سان نوازي رهيا آهيون. ليڪن سال اڳ، جڏهن انسان پاڻ کي نامهربان ماحول ۽ قدرتي عناصر جي رحم وڪرم تي ۽ تن تنها ڏٺو، تڏهن سندس اڻ گهڙيل دماغ جي جيڪا ڪيفيت رهي هوندي، تنهن جو اسين شايد تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهون. اهو انهيءَ وحشيءَ ۽ اڻ سڌريل انسان جي مشاهدن ۽ تجربن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ اسين قدرت جي اهڙن پوشيده رازن کي پروڙي سگهيا آهيون، جن کي پيا تہ چڏيو، پر رڳو اڳينءَ صديءَ جا ماڻهو بہ "خدا جي رازن ۾ هٽ وجهڻ" سڏ ڏيندا هٿا، ۽ جي اڇوڪي زماني جي سائنسي ايجادات کي هوند ڪرامات ۽ معجزن کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ڏيئي ڪين سگهن ها.

ارتقا جي اصول مطابق، موجوده انسان، ڏينڊي ڏينڊي، 'چمپنزي' قسم جي ٻاندرنما جانور جي هڪ گهراڻي مان نڪري، آهستي آهستي، پنهنجي ٻيمار شڪل وصورت، عادتن ۽ خصلتن کي ترڪ ڪندو، اڄ اڇي هڪ شائستہ ۽ مهذب انسان جي منزل کي پهتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بظاهر، هيءَ ڳالهه هڪ بيخبر ماڻهوءَ لاءِ ڪيل جهڙي آهي، پر ارتقا جي اصولن کان باخبر ۽ سمجهه، ۽ وچار رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ انهيءَ نندڙيءَ ڳالهه، ۽ فڪر ۽ غور جا داستان پريل آهن. ٿورو ئي غور ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اڇوڪي انسان کي پنهنجي انهيءَ وحشي حالت کي چڏڻ ۽ ڪيترو نه ڏکهو عرصو لڳو هوندو. ڪيس کهڙين نه ڏشوارين سان مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، ۽ ڪيتري نه ڪيس جدوجهد ڪرڻي پيئي هوندي! سندس ظاهري وضع قطع ۽ جسماني ساخت کي هڪ هيبتناڪ "حيوان" جي حليي کان ڦري، هڪ خوبصورت انسان جي شڪيهه ۾ تبديل ٿيڻ ۾ ڪيترين نه ارتقائي منزلون طي ڪرڻيون پيڻون هونديون!

اهو ته ٿيو سندس جسماني تبديليءَ جو احوال. پر حضرت انسان مخلوقات جي پين ساهوارن کان جيڪا فوقيت ۽ برتري حاصل ڪئي آهي، سا رڳو سندس جسماني فضيلت جي مرهون منت نه، پر خاص طرح سندس دماغي صلاحيتن جي ئي محتاج آهي. جنهن شيءَ کي اسين "عقل سليم" ۽ "انساني شعور" سڏيون ٿا، سو ته انسان کي تنهان ئي زياده تکليف ۽ جانڪاهيءَ کان پوءِ نصيب ٿيو آهي. اوائلي انسان کي جڏهن پهريائين پنهنجي دماغ کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت جو احساس ٿيو، تڏهن هن جو ڏيان سڀ کان اول پنهنجي قريبي ماحول ڏانهن ڇڪيو، ۽ هن اُنهن سڀني فطرتي قوتن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، جي سندس وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هميشه ساڻس برسر پيڪار هيون. هن جي اڻ اسريل ۽ نندڙي دماغ انهن سڀني شين — وڄ، گجگوڙ، برسات، طوفان، سج، چنڊ ۽ اُنهن جي گرهڻ، زندگي ۽ موت، وغيره جي اسباب و علل ڄاڻڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي. انهيءَ جاکوڙ ۾ ڪيس هڪڙا خيال ترڪ ڪري، وري وري هيا ۽ نوان خيال اختيار ڪرڻا پيا. جيئن جيئن سندس تجربن ۽ مشاهدن سندس اڳوڻن خيالن جي تردید ڪئي، تيئن تيئن هن سچ حاصل ڪرڻ جي تلاش ۾ نيون واٽون ۽ اڳواٽ اڻ ڏٺل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهون اختيار ڪيون. اڇوڪو 'سمجهدار' انسان، جو پنهنجي اوائلي زماني جي ڀاءَ کي وهم پرست سڏڻ کان دريغ نه ڪري، تنهن کي جيڪڏهن انهيءَ ماحول ۾ انهن دشوارين سان مقابلي ڪرڻ جو اڄ ٻ ڪو موقعو ملي، تہ امڪان اغلب آهي تہ هو ايترو ڪجهہ ٻ نہ ڪري سگهي، جيترو سندس پيشروءَ پنهنجن پونيرن لاءِ ورڻي ۾ ڇڏيو. اهو سچ آهي تہ اوائلي انسان ڪائنات جي مختلف مشاهدات متعلق جيڪي اسباب و علل سوچيا، ۽ جن تي هن گهڻي زماني تائين ڪنڌ ڏني، سي آخرڪار باطل ۽ بي بنياد ثابت ٿيا. پر هيءَ ڳالهہ تسليم ڪرڻ، کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي تہ بعد واري زماني جي تحقيقات ۽ ڪوجنائن جو اصلي بنياد اوائلي انسان جا اهي ئي باطل ۽ ڪوڙا نظريا ۽ عقيدا هئا، جن آسان جي موجوده زماني جي سائنس کي جنم ڏنو. جيستائن اوائلي انسان جي وهمن ۽ پرمن کي بي حقيقت ثابت نہ ڪيو ويو، تيستائين حقيقي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي ڪانہ هئي. ۽ اهڙن محققن کي، قديم زماني کان وٺي سينہ بسينہ ورثي ۾ مليل ڳالهين کي اوچتو ئي اوچتو باطل چوڻ ۽ باطل ثابت ڪرڻ ۾ ڪهڙو نہ جيءَ جو جوکو ملهہ ڪنهڙو ٻيو هوندو، تنهن جا ڪيئن مثال تاريخ ۾ موجود آهن، جن جي بيان ڪرڻ جي هيٺي ڪا خاص گنجائش ۽ ضرورت ڪانهي.

بهرحال، هيءَ دنيا، گذريل ڪروڙن ۽ اربن سالن کان وٺي، ترقي ڪندي آئي آهي، ۽ ظاهر آهي تہ اها ئي دنيا، جا اڄ هڪ اهڙيءَ منزل تي اچي پهتي آهي، جتي انسان پنهنجي قريبي ۽ فوري ماحول تي مڪمل قدرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ آسمانن ڏانهن اکيون کنيون آهن، ۽ جنهن ڪائناتي خلا ۾ معلق سيارن جي تسخير جي ڪوشش شروع ڪئي آهي، ان ئي دنيا ۾ ڪن صدين يا هزارن سالن کان پوءِ، ڪو اهڙو انسان آباد نظر اچي، جنهن جي نظرن ۾ اڇوڪو انسان ٻ محض ان ئي ابتدائي وحشي دور جو هڪڙو آخرين يادگار ثابت ٿئي !- تہ اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه ڪا ناسمڪن نہ آهي. جهڙيءَ طرح انسان پنهنجن پيشروَن جي حاصل ڪيل حڪمت ۽ اخذ ڪيل نتيجن جي ڏير مان ڪولهي سچ ۽ سونءُ پرکي ڪم آندو آهي ۽ سندن غلطين کي سڌ ۽ بيڪار چاڻي ڇڏو ڪري ۽ انهن متعلق پراڻا خيال ترڪ ڪري، ترقيءَ جي راه تي پنهنجو قدم اڳتي ٿي وڌائيندا آيا آهيون، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح انسان جا پويان به انسان جي غلطين کي بي حقيقت سمجهي، انسان جي ڪاميابين مان فائدو حاصل ڪري، حق جي چاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ڪائنات جي مڪمل تسخير جي منزل مقصود ڏانهن گامزن نظر ايندا ... ۽ اهو زمانو هري نہ ڏو نظر اچي، جڏهن هيءَ آدم جو اولاد چند تہ پجاءِ خود، اڇا به ڪنهن زياده بلند مقام تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

"جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناهہ ڏرو،
نہ ڪو چارو چند جو، نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو لڳو دڳ درو،
هري ٻين پرو، نات ڏاڻون ڏانهہ ۽!" ــ "شاه"

زير نظر ڪتاب علم الانسان جي گونا گون شاخن مان هڪ شاخ سان واسطو آهي. جيئن مٿي عرض ڪري آيا آهيون، انسان ڪائنات جي حقيقت هروڙڻ لاءِ ڏاڍا ٽڪر هنيا آهن ۽ سندس انهيءَ طويل جدوجهد جو داستان به اوترو ئي طويل آهي، ان ڪي ڪنهن هڪ يا ٻن جلدن اندر ماپائڻ ناسمڪن آهي. سنڌي زبان ۾ شايد هيءَ پهريون ئي دفعو آهي، جو حضرت انسان جي هن ڪوه شڪنيءَ جو داستان سنڌي خواندہ عوام اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو. ٻين پولين ۽ خاص طرح انگريزيءَ ۾ تہ انهيءَ موضوع تي انتهائي دلچسپ، مفيد ۽ غور و فڪر جي غذا سان پرپور ڪيئي جلد لکيا ويا آهن، پر آسان جي ماڊري زبان علم جي انهيءَ شاخ کان تا حال بي بهره رهي آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان ڪري سهارڪباد جو مستحق آهي، جو هن انهيءَ ڏس ۾ دلچسپي ورتي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر فريزر جي جڳ-مشهور ڪتاب (Golden Bough) جو هيءُ سنڌي ترجمو پيش ڪيو آهي.

اوائلي انسان جي دماغي ارتقا، معاشرتي نظام، سياسي جوڙجڪ ۽ سندس تهذيب و تمدن جي تحقيقات ۾ پروفيسر فريزر جون خدمتون سڄيءَ دنيا ۾ مُسلّم آهن. جنهن ڪتاب جو اسان ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون، سو دراصل پارنهن جلدن ۾ لکيل آهي ۽ منجهن جيڪي به حقيقتون پيش ڪيون ويئون آهن، يا مثال ڏنا ويا آهن، تن جون اختيارين ۽ حوالا به انهن ۾ ڏنل آهن؛ پر جيئن تہ اهي پارنهن جلد عام ماڻهوءَ جي دسترس کان بالاتر آهن، ۽ نہ وري عام ماڻهوءَ وٽ ايترو وقت آهي، جو انهن جو مطالعو ڪري منجهانئن مستفيض ٿي سگهي، اُن ڪري فريزر صاحب انهيءَ درياه کي ڪوزي اندر بند ڪري، اهو سڄو مواد اختصار طور هڪ جلد اندر ماپايو آهي — جنهن جي ترجمي کي اسان ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪرڻ جي هيءَ ڪوشش ڪئي آهي. اصل ڪتاب جي اختصار جو هيءُ سنڌي ترجمو به جملي ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو آهي.

ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ جي دوران ۾ انگريزيءَ جا ڪي اهڙا الفاظ ۽ اصطلاح سامهون آيا، جن جا هر معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ ملڻ مشڪل هئا، جنهنڪري گهڻن هنڌن تي نون لفظن ۽ اصطلاحن جي تلاش ڪرڻي پيئي آهي. اهڙن مشڪل مرحلن تي مسٽر محمد ابراهيم جويي نهايت همدرديءَ ۽ پنهنجائپ سان منهنجي رهبري ڪئي ۽ جيئن تہ هن ميدان ۾ منهنجي هيءَ پهرين ڪوشش هئي، ان ڪري منهنجي هولين ۾ نقص ۽ انداز بيان ۾ ناپختگي هئڻ هڪ لازمي امر هو. انهيءَ ڏس ۾ محترم جويي صاحب گهري دلچسپي ورتي ۽ انتهائي محنت سان منهنجي ناقص ڪوشش کي سڌاريو ۽ ڪامياب بنايو، جنهن لاءِ آءٌ صاحب ممدوح جو نهايت شڪرگذار آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميد تہ جنهن اعليٰ مقصد کي مدنظر رکي سنڌي ادبي بورڊ هيءَ ڪتاب پيش ڪري رهيو آهي، سو سنڌي پڙهيل عوام جي دلين ۾ علم ۽ ڄاڻ جي نئين روشنيءَ جي جوت جاڳائڻ ۽ سندن خيالن ۽ نظرين کي ڪجهہ قدر حقيقت پسندانہ بنائڻ جي صورت ۾ حاصل ٿي سگهندو.

ڪراچي،
٥- سيپٽمبر، ١٩٦١ع.

—— سوبار علي م. سومرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

باب		صفحو
اٹيتاليهون	آنَ جو روح حيواني صورت ۽ ...	۱۰۶۱
	(۱) آنَ جي روح جا حيواني نمائندا ...	۱۰۶۱
	(۲) آنَ جو روح بگھڑ يا ڪتي جي صورت ۽ ...	۱۰۶۳
	(۳) آنَ جو روح ڪڑ جي صورت ۽ ...	۱۰۷۱
	(۴) آنَ جو روح سَهي جي صورت ۽ ...	۱۰۷۵
	(۵) آنَ جو روح ٻليءَ جي صورت ۽ ...	۱۰۷۷
	(۶) آنَ جو روح ٻڪريءَ جي صورت ۽ ...	۱۰۷۹
	(۷) آنَ جو روح ڏاند جي صورت ۽ ...	۱۰۸۸
	(۸) آنَ جو روح گھوڙي ۽ گھوڙيءَ جي صورت ۽ ...	۱۰۹۵
	(۹) آنَ جو روح سوئر جي صورت ۽ (نر يا مادي) ...	۱۰۹۷
	(۱۰) آنَ جي روح جي حيواني نمائندن متعلق ...	۱۱۰۳
اٹونجاهون	قديم نباتاتي ديوتائون حيواني صورت ۽ ...	۱۱۰۹
	(۱) ڊيئونيسس ٻَڪرَ ۽ ڏاند جي صورت ۽ ...	۱۱۰۹
	(۲) ڊيميٽر، سوئر ۽ گھوڙو ...	۱۱۲۰
	(۳) اتيس، ائڊونس ۽ سوئر ...	۱۱۲۷
	(۴) اوسيرس، سوئر ۽ ڍڳو ...	۱۱۳۰
	(۵) ورٻيئس ۽ گھوڙو ...	۱۱۴۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب		صفحو
پنجاهون	ديونا کي کائڻ ...	۱۱۴۹
	(۱) پهرين ميون جو تبرڪ ...	۱۱۴۹
	(۲) ائزٽيڪس قبيلي ۽ ديوتا کي کائڻ ...	۱۱۷۱
	(۳) ائريشيا ۽ گهٽائي مينائي ...	۱۱۷۹
ايڪونجاهون	گوشت جي خوراڪ جو هم آهنگ جادو ...	۱۱۸۷
باونجاهون	ديوتائي جانور کي ذبح ڪرڻ ...	۱۲۰۱
	(۱) مقدس باز کي ذبح ڪرڻ ...	۱۲۰۱
	(۲) مقدس گهٽي کي ذبح ڪرڻ ...	۱۲۰۵
	(۳) مقدس نانگ کي مارڻ ...	۱۲۰۸
	(۴) پائيءَ جي مقدس ڪڇين کي کهڻ ...	۱۲۰۸
	(۵) مقدس رڇ کي مارڻ ...	۱۲۱۷
ٽيونجاهون	شڪارين جو جهنگلي جانورن کي راضي ڪرڻ ...	۱۲۵۳
چوونجاهون	حيواني تبرڪن جا نمونا ...	۱۲۹۳
	(۱) تبرڪن جا مصري ۽ ائنو نمونا ...	۱۲۹۳
	(۲) مقدس جانورن سان گڏ جلوس ...	۱۳۰۲
پنجونجاهون	برائيءَ جو انتقال ...	۱۳۱۱
	(۱) بي جان شين ڏانهن انتقال ...	۱۳۱۱
	(۲) جانورن ڏانهن انتقال ...	۱۳۱۵
	(۳) ماڻهن ڏانهن انتقال. ...	۱۳۲۱
	(۴) يورپ اندر برائيءَ جو انتقال ...	۱۳۲۵
چاونجاهون	برائيءَ کي لوڏي ڪيڏ ...	۱۳۳۳
	(۱) پوتن جو هر جا حاضر هئڻ ...	۱۳۳۳
	(۲) برائيءَ جو وقتي نيڪال ...	۱۳۳۶
	(۳) براين جو فصلي اخراج ...	۱۳۴۶

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب		صفحو
ستونجاهون	عام صدقي جا ٻکرا ...	۱۳۷۷
	(۱) جسم اندر سمايل براين جو نيڪال ...	۱۳۷۷
	(۲) مادي وسيلي ۽ سوجود براين جو وقتي نيڪال ...	۱۳۸۱
	(۳) مادي وسيلي جي مدد سان براين جي فصلي نيڪالي ...	۱۳۸۸
	(۴) عام صدقي جي ٻڪرن متعلق ...	۱۴۱۲
اڻونجاهون	قديم زماني ۾ صدقي جا ٻکرا ماڻهن جي صورت ۾ ...	۱۴۲۲
	(۱) قديم روم ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ صدقي جا ٻکرا ...	۱۴۲۲
	(۲) قديم يونان ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ صدقي جو ٻکرو ...	۱۴۲۳
	(۳) رومي سنڌر نيليا ...	۱۴۳۴
اٺهٺون	ميڪسيڪو ۾ ديوتا کي قتل ڪرڻ ...	۱۴۴۸
ستهون	آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ...	۱۴۶۱
	(۱) زمين کي نہ ڇهڻ ...	۱۴۶۱
	(۲) سچ کي نہ ڏسڻ ...	۱۴۶۸
	(۳) بلوغت وقت چوڪرين جي تنهائي ...	۱۴۶۹
	(۴) بلوغت وقت چوڪرين جي گوشہ نشينيءَ جو سبب ...	۱۴۹۱
ايڪهٺون	بالڊر جي ڏند ڪٿا ...	۱۵۰۶
باهٺون	يورپ اندر باهہ جون تقريبون ...	۱۵۱۱
	(۱) باهہ جون عام تقريبون ...	۱۵۱۱
	(۲) "لينٽ" واريون باهيون ...	۱۵۱۲
	(۳) ايسٽر واريون باهيون ...	۱۵۲۵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب		صفحو
	(۴) "بيلٽين" باهيون ...	۱۵۳۲
	(۵) وچ اونهاري واريون باهيون ...	۱۵۳۶
	(۶) "هئلووين" باهيون ...	۱۵۷۳
	(۷) وچ سياري جون باهيون ...	۱۵۸۳
	(۸) ضرورت واريون باهيون ...	۱۵۸۹
ڏيهڙون	باهم جي تقريبن جو مفهوم ۽ معني ...	۱۵۹۹
	(۱) باهم جي عام تقريبن متعلق ...	۱۵۹۹
	(۲) باهم جي تقريبن جو شمسي نظريو ...	۱۶۰۳
	(۳) باهم جي تقريبن جو پاڪائيءَ وارو نظريو ...	۱۶۱۵
چوهڙون	باهين ۽ ماڻهن کي ساڙڻ ...	۱۶۲۵
	(۱) باهين ۽ مجسمن کي ساڙڻ ...	۱۶۲۵
	(۲) ماڻهن ۽ جانورن کي باهين ۽ ساڙڻ ...	۱۶۲۹
پنجهڙون	بالدر ۽ "مزلتو" ...	۱۶۴۷
ڇاهڙون	لوڪ-ڪٿا ۽ خارج روح ...	۱۶۷۱
ستهڙون	خارج روح لوڪ رسمن ۽ ...	۱۷۰۳
	(۱) بي جان شين ۽ خارج روح ...	۱۷۰۳
	(۲) پوڻن ۽ خارج روح ...	۱۷۱۰
	(۳) ديورن ۽ خارج روح ...	۱۷۱۵
	(۴) مرت ۽ حشر جون رسمون ...	۱۷۳۹
اٺهڙون	سونهري ٽاري ...	۱۷۶۶
اٺهتريون	نيميءَ جي الوداع ...	۱۷۹۳
	...	

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادو ۽ سائنس

(ٽن جلدن ۾)

— جلد ٽيون —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٹينتاليهون

آن جو روح حيواني صورت ۾

۱- ان جي روح جا حيواني نمائندا : "ڪچي ۽" لفظ جي آنهي ۽ معنيٰ ثابت ڪرڻ لاءِ، جيڪا آن جي آخرين سٽي ۽ جي حالت ۾ استعمال ٿيڻ سان آن مان ورتي وڃي ٿي، سون جيڪي مثال پيش ڪيا آهن، تن مان ڪن ۾ آن جو روح بدڪ، ٻڪري ۽، سهي، ٻلي ۽ ۽ لوڙ جهڙن جانورن جي شڪلين ۾ نظر اچي ٿو. اها ڳالهه اسان کي آن جي روح جي هڪ اهڙي ٻئي رخ سان متعارف ڪري ٿي، جنهن کي اسان کي هاڻي جاچڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اسان کي ديوتا جي قتل ٿيڻ جا نه فقط کي نوان مثال ملندا، پر ائڊونس، اتيس، اوسيرس، ڊيونيسس، ڊيميٽر ۽ وريئس ديوتائن جي ڏند ڪٿائن ۽ پوڄائن ۾ جيڪي چند نڪتا ناسعروف رهجي ويا آهن، تن کي صاف ڪرڻ جي پڻ اسان اميد رکي سگهنداسون.

آن جو روح، جن متعدد جانورن جي صورت اختيار ڪري ٿو، تن ۾ بگهڙ، ڪتو، سهو، لوڙ، ڪڙ، آڙي، خاردار سهه، ٻلي، ٻڪري، ڳئون (ڍڳو، ڏاند) سوئر ۽ گهوڙو شامل آهن. آن جي روح کي انهن صورتن مان ڪنهن هڪ يا ٻيءَ ۾، آن اندر موجود سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪيس پوئين ۽ سٽي ۽ ۾ قاسايو يا قتل ڪيو ويندو آهي. جيئن ئي آن لٽيو ويندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيئن ئي آهو جانور لايارن اڳيان پڇندو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو لايارو ٻنيءَ تي بيمار ٿي پوندو آهي، تہ اُن لاءِ عام اعتقاد هيءَ هوندو آهي تہ هو بيخبريءَ وچان ٽاپو ڪائي آن جي روح سڏان ڪريو هوندو، جنهن اُنهيءَ پليت ڪي دخل درمعقولات ڏيڻ سبب سزا ڏني آهي. چيو ويندو آهي تہ "رائي — بگهڙ ڪيس جهليو آهي،" "لاباري — ٻکر ڪيس لڪڙ هنيو آهي." جيڪو ماڻهو پويون آن لٽيندو يا آخرين ستي ٻڌندو آهي، تنهن کي رائي — بگهڙ، رائي — سوئر، اونس — ٻکر وغيره جو ڪو نہ ڪو حيواني نالو ڏنو ويندو آهي، جو ڪيس ڪڏهن ڪڏهن سڄي سال تائين ٻاڻ تي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. ان کان علاوه، اُنهيءَ جانور جي نمائندگي، گهٽو ڪري، آن جي آخري ٽيل ستيءَ، يا ڪائيءَ ۽ گلن وغيره مان ٺهيل هڪ گڏي ذريعي ٻ ڪئي ويندي آهي، جنهن کي ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ ڏوم ڏام سان لاباري واري آن سان پريل سيني کان پوئين گاڏي تي رکي گهر آندو ويندو آهي. جتي پوئين ستيءَ کي ڪنهن جانور جي صورت نہ ٻ ڏني ويندي آهي، انجي باوجود، آتي ٻ ڪيس گهٽو ڪري، رائي — بگهڙ، سَهو، ٻکر، وغيره ڪوٺيو ويندو آهي. عام طور، ائين سمجهيو ويندو آهي تہ هرهڪ فصل جو پنهنجو پنهنجو جانور هوندو آهي، جو آخرين ستيءَ اندر قائل هوندو آهي ۽ ڪيس هرهڪ فصل مطابق، رائي — بگهڙ، جَوَ — بگهڙ، اونس — بگهڙ، مٽر — بگهڙ يا پٽاڻو — بگهڙ سڏيو ويندو آهي. پر، ڪڏهن ڪڏهن سڄي لاباري جي پوئينءَ جنس کي گهر آڻڻ وقت، ڪنهن فصل لاءِ هڪ ئي جانور جو بوتو ٺاهيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن وري ائين سمجهيو ويندو آهي تہ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور ڏانڊي جي پوئين ڏک سان مري ويندو آهي. پر زياده تر وقتن تي اڻين سمجهيو ويندو آهي ته اهو تيسين جيئرو رهندو آهي، جيسين ٽورو آن ۾ گاهڻ لاءِ بچيل هوندو آهي ۽ آهو آخرين گاهيل ستيءَ ۾ قاسي پوندو آهي. چنانچ، جيڪو ماڻهو ڏنڊي سان آخرين ڏک هڻندو آهي، تنهن کي چيو ويندو آهي ته "آن - سوئر" يا "گاهڻ - ڪتو" وغيره تو وٽ ٿي آهي. جڏهن گاهڻ گاهجي چڪندو آهي، تڏهن انهيءَ جانور جي صورت جهڙو هڪ بوتو ٺاهيو ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو گاهڻ ۾ سيني کان پويون نڪرندو آهي، سو پاسي واريءَ ڪنهن اهڙيءَ ٻنيءَ ڏانهن آهو بوتو ڪٽي ويندو آهي، جتي اڳ تائين گاهڻ پيو هلندو آهي. اهن مان هيءَ حقيقت وري ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي ته آن جو روح اتي رهندو آهي، جتي گاهڻ جو سلسلو اڳ جاري هوندو آهي. ڏڏهن ڏڏهن آن جي آخرين ستيءَ جو گاهيندڙ خود ئي آن جانور جي نمائندگي ڪندو آهي، ۽ جيڏڏهن پاسي واريءَ ٻنيءَ وارا ماڻهو، جي اڳ تائين گاهڻ گاهڻ ۾ مصروف هوندا آهن، ڪيس انهيءَ ڪر ۾ پڪڙي وجهندا آهن، ته پوءِ آهي ساڻس آها ئي جُٽ ڪندا آهن، جهڙي انهيءَ جانور سان ڪبي آهي، جنهن جي آهو ماڻهو نمائندگي ڪندو آهي. ڪيس سوئرن جي واڙ ۾ بند ڪيو ويندو آهي ۽ انهن آوازن سان سڏيو ويندو آهي، جن سان عام طرح انهن جانورن کي سڏيو ويندو آهي، وغيره وغيره. انهن عام بيانن کي اسين هينئر خاص مثالن ذريعي واضح ڪنداسون.

۲- آن جو روح بگهڙ يا ڪتي جي صورت ۾:-

هن باري ۾ اسين پنهنجيءَ جاچ جي ابتدا بگهڙ يا ڪتي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ تصور ڪيل آن جي روح سان ڪريون ٿا. اهو تصور جرمني، فرانس ۽ سائووني ملڪن ۾ عام آهي. چنانچ، جڏهن هوا آن کي پائي جي لهرن وانگر متحرڪ ڪندي آهي، تڏهن ڪڙمي گهٽو ڪري ايئن چوندا آهن: "بگهڙ آن مٿان يا آن وڃان وڃي رهيو آهي،" "رائي - بگهڙ ٻي ماڻ ڏوڪيندو پيو وڃي،" "آن ۾ بگهڙ پيو آهي،" "آن ۾ چتو ڪتو پيو آهي،" "وڏو ڪتو آيو آهي." جڏهن هار ٻي ماڻ سنگن يا آن جي نيلن گلن پٽڻ جي خواهش ڪندا آهن، تڏهن کين انهي حرڪت کان باز رکڻ لاءِ هن طرح چتائڻ ڏنو ويندو آهي ته "وڏو ڪتو آن ۾ ويئو اٿيئي،" يا "آن ۾ بگهڙ ويئو آڻو، جو اوهان کي چيري، ڦاڙي، ٽڪر ٽڪر ڪري چڏيندوَ،" "بگهڙ کائي چڏيندوَ." جنهن بگهڙ خلاف چوڪرن کي چتائڻ ڏنو ويندو آهي، سو رواجي بگهڙ ڪونہ هوندو آهي، جو ته عام طرح ڪيس "آن - بگهڙ،" "رائي - بگهڙ" يا ٻين اهڙن ئي نالن سان سڏيو ويندو آهي. چنانچ، اهي چوندا آهن ته "اي ياروا رائي - بگهڙ اينڊو ۽ اوهان کي کائي چڏيندو!" "رائي - بگهڙ اوهان کي کٽي ويندو" وغيره. آن جي باوجود، سندس ٻاهريون حليو سڄو سارو بگهڙ جو ئي هوندو آهي، جو ته فيلينهوف (اوپر پرشيا) جي پسگردائي ۾، جڏهن به ڪنهن بگهڙ کي ٻئي ماڻ ڊوڙندو ڏٺو ويندو هو، تڏهن آتان جا ڪڙمي هن ڳالهه کي جاچيندا هٿا ته بگهڙ ٻنهنجو پڇ آڪڙايو هوا ۽ مٿي کٽي پيو وڃي يا زمين تي گهليندو ٿو وڃي. جيڪڏهن هو پڇ کي زمين تي گهليندو ويندو هو، ته ڪڙمي آن جي پٺيان وڃي، سندس حضور ۾ ٻنهنجي شڪر گذاري جو اظهار ڪندا هٿا، جو سندن خيال هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اهڙيءَ طرح متن رحمتن جو نزول ٿيندو ۽ ڪڏهن تہ آهي سندس اڳيان ڪاڏي جا ڪجهہ ذرا پرزا ۽ ڪائنڊ لاءِ آڻي رکندا هئا. پر، جيڪڏهن بگهڙ پنهنجو پڄ هوا ۾ متي ڪنيو ويندو هو، تہ آهي ڪيس پڻيندا هئا ۽ مارڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا هئا. هن حالت ۾ بگهڙ آن جو روح آهي، جنهن جي آباد ۽ سائي ڪرڻ جي سڄي قوت سندس پڄ ۾ رکيل آهي.

لاباري جي رسمن ۾ ٻيئي، بگهڙ ۽ ڪتو، آن جي روح جا نمائندا معاوم ٿي رهيا آهن. چنانچہ، سليشيا جي ڪن حصن ۾ جيڪو ماڻهو آخرين ستي لٽيندو يا پڏندو آهي، تنهن کي "ڪٽڪ - بگهڙ" يا "مئر - ڪتو" سڏيو ويندو آهي. پر، اتر اولهہ فرانس جي لاباري وارين رسمن مان ئي آن - ڪتي جو نظريو بلڪل واضح ٿي رهيو آهي. چنانچہ، جيڪڏهن ڪو لاياروبيماريءَ ڪٽڪ يا سستيءَ سبب سندس اڳيان ٻيئل لاياري سان نہ ٿو پڄي سگهي، تہ پوءِ اهي ماڻهو چوندا آهن تہ "اڇو ڪتو سندس قريب لنگهي ويو" "هن کي اڇيءَ ڏانڊ ورتو آهي" يا "اڇيءَ ڏانڊ کيس چڪ هنيو آهي." ووسجس ۾، "هارويسٽ - مئي" کي "لاباري جو ڪتو" سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو سڪل گاه يا ڪٽڪ جي آخرين مٽ ويندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن "ڪتو ڪنو آهي." جورا ۾، لونس - لي - سالنيئر جي آس پاس، آخرين ستيءَ کي 'ڏانڊ' سڏيو ويندو آهي. وڙهن جي پسگردائيءَ ۾، لاباري ختم ٿيڻ جو عام اظهار هن طرح ڪيو ويندو آهي تہ "هو ڪتي کي ڪهن وارا ئي آهن،" ۽ ايپينال وٽ، فصل جي جنس مطابق، ماڻهو چوندا آهن،" اسين ڪٽڪ - ڪتي يا رائي - ڪتي يا ڪڻڪ - ڪتي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ساربندائنون. لورين ۽ جيڪو ماڻهو سيني ڪان آخر تائين لٽيندو رهندو آهي، تنهن لاءِ هيئن چيو ويندو آهي، "هو لاباري ڄڻي ڪتي ڪي ڪهي رهيو آهي." ٽائرول ۽ ڊڪس وٽ، جيڪو ماڻهو گهاهه وقت سيني ڪان پويون ڏڪ هٽندو آهي، تنهن لاءِ چوندا آهن ته "هن ڪتي ڪي ڏڪ هٽي ماريو." اسٽيڊ پرسان، آهني برجين وٽ، اهڙي ماڻهوءَ کي فصل جي جنس مطابق "آن-ڪتو" "رائي-ڪتو" يا "ڪڪ-ڪتو" سڏيو ويندو آهي.

ان باري ۽ ڳهڙا جي ۽ ساڳي حالت هوندي آهي. سليشيا ۽ جڏهن لاياارا ٻنيءَ جي آخرين ٽڪر کي لٽ لاءِ اچي ٻيهندا آهن، تڏهن انهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي "ڳهڙ ڪي ڦاسائڻ" وارا آهن. ميڪلينبرگ جي مختلف علائقن ۽ جتي "آن-ڳهڙ" جي وجود ۽ عام اعتقاد ڦهليل آهي، اتي هرڪوئي سيني ڪان آخر تائين لٽ ڪان ڏڇندو آهي، ۽ ته ماڻهو چوندا آهن ته "منڇهس" "ڳهڙ" ويٺو آهي. چنانچ، هرهڪ لاياارو پنهنجي سڄي قوت استعمال ڪندو آهي ته لاباري وقت اهو سيني ڪان ڦوٽي نهرهجي وڃي ۽ اهڙيءَ طرح، هرهڪ عورت آخرين ستيءَ بڏڻ ڪان ڪائيندي آهي، ڇو ته "آن ۽ ڳهڙ رهوندو آهي". ان ڪري، لاياارن ۽ گاهه گاهيندڙن جي وچ ۽ سيني ڪان ڦٽي نهرهجي وڃڻ ڪان بچڻ لاءِ زبردست چتاپيٽي ٿيندي آهي. جرمني ۽ عام طرح هيءَ چوٽي آهي ته "ڦوٽين ستيءَ ۽ ڳهڙ ويٺو هوندو آهي." ڪن جاين تي لاياري کي سڏ ڪري، خبردار ڪيو ويندو آهي ته "ڳهڙ ڪان بچجانءِ" يا وري آهي هيئن چوندا آهن ته "هو ڳهڙ کي آن ڪان ٻاهر لوڏي رهيو آهي!" ميڪلينبرگ ۽ جڏهن ٻنيءَ ۽ لاباري پڄي ويندو آهي ۽ باقي کي ٽڪراڻ ٽيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيل هوندو آهي، تنهن تي بيڻل آن کي عام طور "بگهڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو آن کي لٽيندو آهي، تنهن وٽ "بگهڙ هوندو آهي." جنهن کي فصل جي جنس مطابق، "ڪڻڪ-بگهڙ"، "رائي - بگهڙ" وغيره سڏيو ويندو آهي. خود آخرين آن جي لٽيندڙ کي "بگهڙ" يا جيڪڏهن فصل رائيءَ جو هوندو آهي تہ آن کي "رائي-بگهڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ ميڪلينبرگ جي مختلف علائقن ۾ ڪيس پنهنجي انهيءَ ڪردار کي پوريءَ ريت ادا ڪرڻ لاءِ، بين لايارن کي چڪن پائڻ جو سانگ، يا رچائڻو يا بگهڙ وانگر ڀرائڻو پوندو آهي. آن جي آخرين ستيءَ کي يا فصل جي نوعيت مطابق، "بگهڙ"، "رائي-بگهڙ" يا "اوٽس-بگهڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪا عورت اها پوئين ستي پڌندي آهي، تنهن لاءِ ائين چيو ويندو آهي تہ "ڪيس بگهڙ چڪ هٽي رهيو آهي." "وٽس بگهڙ آهي." "ڪيس بگهڙ کي آڻيو پوندو" (آن سان ڪيو). ازانسواءِ، خود ڪيس يا "بگهڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ ڪيس رڙ ڪري چيو ويندو آهي تہ "تون ئي بگهڙ آهين" ۽ انهيءَ نالي سان ڪيس سڄي سال تائين سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن فصل مطابق ڪيس "رائي-بگهڙ" يا "پٽاٽو-بگهڙ" يا سڏيو ويندو آهي. روگين ريت ۾ پوئين ستي پڌندڙ عورت کي، نہ فقط "بگهڙ" سڏيو ويندو آهي، پر هوءَ جڏهن گهر ايندي آهي، تڏهن هوءَ گهر ڏياڻيءَ ۽ سندس وڏيءَ نوڪرياڻيءَ کي چڪ ۾ هٽندي آهي، جنهن لاءِ ڪيس گوشت ڇو هڪ وڏو ٽڪر ڏنو ويندو آهي. آن جي باوجود، کيس "بگهڙ" ٽيڪ سمجهڻ کوڙ ڪندو آهي. ساڳي ئي عورت جنهن جنس واري آن جي آخرين ستي پڌندي آهي، مثلا رائيءَ، ڪڻڪ يا اوٽس جي، تہ ڪيس "رائي - بگهڙ"، "ڪڻڪ - بگهڙ" يا "اوٽس - بگهڙ" سڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. ڪولون ضلعي ۾ بيئر وٽ، اڳئين زماني ۾ آخرين ستيءَ کي خود بگھڙ جي شڪل ڏيڻ جو رواج هوندو هو. اهڙيءَ طرح ٽاهيل بگھڙ تيسين ديري ۾ رکيو ويندو هو، جيسين سڄو آن ڪاهجي نه ويندو هو. پوءِ آنهيءَ بگھڙ کي زميندار وٽ آڻيو ويندو هو، جنهن کي مٿانئس بيئر يا برانڊيءَ چڙڪائي پوندي هئي. ميڪلينبرگ ۾، برون شا - پٽين وٽ، جيڪا نوجوان عورت ڪٽڪ جي آخرين ستي ٻڌندي هئي، سا منجهانئس ڪاڻ جي هڪ سٽ باهر ڪيي، آن ماڻ "ڪٽڪ - بگھڙ" ٽاهيندي هئي. آهو بوتو بگھڙ جي شڪل جهڙو هوندو هو، جو ٻ فوٽ ڪن ڏگهو ۽ اڌ فوٽ ڪن اوچو هوندو هو، سندس ڏنگون سخت ڪاڻن ماڻ ٿهيل هونديون هيون ۽ پڇ ۽ ڪچيءَ جا وار ڪٽڪ جي سنگڻ ماڻ ٽاهيا ويندا هئا. انهيءَ "ڪٽڪ - بگھڙ" کي آها نوجوان ڪڙمياڻي لاءِ يارن جي جلوس جي اڳواڻي ڪندي، ڪوٽ ڏانهن ڪٽي ويندي هئي، جتي ڪيس زميندار جي گهر جي اڳڻ ۾ گهٽي عرضي تائين رکيو ويندو هو. گهٽين جاين ۾ وري، جنهن ستيءَ کي "بگھڙ" سڏيو ويندو آهي، تنهن کي انساني صورت ڏيئي، ڪپڙا ڍڪايا ويندا آهن. هن حالت ماڻ انساني فڪر جي انهيءَ سونجهڪاري جو پتو پوي ٿو، جو آن جي روح جي انساني ۽ حيواني صورتن ۾ جدا جدا تصورن جي درميان پيدا ڪيو ويو آهي. عام طرح "بگھڙ" کي وڏيءَ ڏوم ڏام ۽ خوشيءَ سان آخرين گاڏي ۾ چاڙهي گهر آندو ويندو آهي. چنانچ، انهيءَ گاڏي ۾ پريل سڄي آن کي "بگھڙ" جو نالو ملايل هوندو آهي.

وري، ڪن حالتن ۾ "بگھڙ" کي ديري ۾ رکيل ٽٽيل آن اندر لڪل سمجهيو ويندو آهي. تانجو، ڪيس آخرين بندل ماڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنبن جي ڏکن سان تڙي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. چنانچ، مئج برگ جي پرسان وٺنزليبين وٽ، گاهه ختم ٿيڻ بعد ڪڙمي جلوس ڪاهي نڪرندا آهن ۽ پاڻ مان هڪ ماڻهوءَ کي زنجير ٻڌي، ڪيس گاهيل آن جي پلال سان سڄو ڏکي، گوٺ ۾ ڦيرائيندا آهن. انهيءَ ماڻهوءَ کي اهي "بگهڙ" سڏيندا آهن. هو آن جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي، جنهن کي گاهيل آن منجهان پڄندي پکڙيو ويو هوندو آهي. ٽريوس ضلعي ۾ وري هي اعتقاد عام آهي ته "آن - بگهڙ" گاهه وقت سارجي ويندو آهي. آخرين ستيءَ کي ماڻهو تيسين گاهيندا رهندا آهن، جيسين اها ذرا ذرا ڪري ويندي آهي. انهيءَ طريقي سان اهي سمجهندا آهن ته "آن- بگهڙ" جو پوئينءَ ستيءَ اندر لکو ويٺو هو، سو يقيناً مارجي ويو آهي.

فرانس ۾ ب، "آن - بگهڙ" لاباري وقت اچي منهن ڪيندو آهي. چنانچ، اتان جا ماڻهو پوئين آن جي لٽيندڙ کي خبردار ڪندا آهن، ته "بگهڙ کي پکڙي وجهندين"! چيمبري پرسان، آخرين آن جي چوڌاري ماڻهو بيهي، هيءَ صدا بلند ڪندا آهن ته "بگهڙ انهيءَ اندر آهي." فنسٽيئر ۾، جڏهن لابارو پورو ٿيڻ وارو هوندو آهي، تڏهن لايارا رڙ ڪري چوندا آهن، "اهو ٿي بگهڙ، اڇهو جاڻ ٿا قاسايونس." پوءِ منجهانئن هرهڪ، ٻنيءَ جو هڪ ٽڪر لٽ لاءِ ڪٽندو آهي ۽ جيڪو سيني کان اڳ فارغ ٿيندو آهي، سو چوندو آهي، "مون بگهڙ کي قاسايو آهي." ڪائينز ۾، جڏهن سڄو ان لٽجي ويندو آهي، تڏهن ڪڙمي گڏجي هڪ خصي گهيٽي کي ٻنين جي چوڌاري گهمائيندا آهن ۽ ڪيس "ٻنيءَ جو بگهڙ" سڏيو ويندو آهي. سندس سنگن کي گلن جا هار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آن جا سنگ وجهي، سينگاريو ويندو آهي ۽ سندس گردن ۽ بدن کي پڻ گلن جا هار ۽ ريبنون ويڑهيون ويندیون آهن. هيئيّ لاياراَ ان جي پٽيان گهائيندا ۽ گڏجي گهمندا آهن. پوءِ انهيءَ گهيٽي کي ٻنيءَ تي ئي ذبح ڪيو ويندو آهي. فرانس جي انهيءَ حصي ۾، آن جي پوئينءَ سٽيءَ کي "ڪوجوليج" چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ اتان جي مقامي پولين ۾، خصي گهيٽو آهي. چنانچ، خصي گهيٽي جو ذبح ٿيڻ، آن جي روح جي موت جي مترادف هوندو آهي، جنهن کي آخرين سٽيءَ ۾ موجود سمجهيو ويندو آهي، پر هتي به، آن جي روح جا ٻ مختلف نظريا — بگهڙ ۽ خصي گهيٽي جي صورت ۾ — هڪ ٻئي سان منجهايا ويا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن وري، هيءَ خيال ب ڪيو ويندو آهي ته "بگهڙ، جنهن کي آخرين آن ۾ قاسايو ويو آهي، سياري جي دوران ۾ آن جي ديري اندر رهيو پيو هوندو آهي ۽ بهار جي موسم ۾ هو وري ب، آن جي روح جي حيثيت ۾، پنهنجي ڪارروائي نئين سر شروع ڪرڻ جي انتظار ۾ هوندو آهي. پولئنڊ ۾، ناتال جي موقعي تي، هڪ ماڻهوءَ جي متي تي بگهڙ جي ڪل وجهي، ڪيس شهر ۾ ڦيرايو ويندو آهي، يا وري کي ماڻهو بگهڙ جي ڪل اندر پوسو پري، آنهيءَ بوتي کي شهر ۾ ڦيرائيندا آهن ۽ ٻئسا گڏ ڪندا آهن. کي اهڙيون حقيقتون موجود آهن، جي قديم زماني جي هن رسم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن، ته وٽن جي ٽيٽن ۾ ڏکيل ماڻهوءَ کي، جنهن کي "بگهڙ" سڏيو ويندو هو، شهر اندر ڦيرايو ويندو هو ۽ جيکي ماڻهو کيس گهمائيندا هئا، سي ٻئسا پنندا ويندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳- **ان جو روح، ڪُڪڙَ جي صورت ۾** : آن جو روح جيڪا پي صورت اختيار ڪندو آهي، سا گھٽو ڪري ڪُڪڙَ جي هوندي آهي. آسٽريليا ۾، پارن کي ٻنين ۾ رلڻ کان منع ڪئي ويندي آهي، چو ته اتي "آن - ڪُڪڙ" ويٺو هوندو آهي، جو ڏونگي سان سندن اکيون ڪڍي وٺندو، اتر جرمنيءَ ۾ چوندا آهن ته "آخرين ستيءَ اندر 'ڪڪڙ' ويٺو آهي"، ۽ آخرين آن وڍڻ وقت لايارا رڙ ڪري چوندا آهن، "هينئر اسين ڪڪڙ کي ڏيکائي ڪيڏاسون." جڏهن آخرين آن وڍجي ويندو آهي، تڏهن چوندا آهن ته "اسان ڪُڪڙَ کي ڦاسائي ورتو آهي." ٽرانسلوانيا ۾ برالر وٽ، جڏهن لايارا پنيءَ جي آخرين ٽڪر کي لٽڻ لاءِ اڇي پهچندا آهن، تڏهن آهي چوندا آهن ته، "هتي اسين ڪڪڙ کي ڦاسائينداسون." فروسٽين والڊ وٽ، جڏهن آخرين ستي ٻڌجڻ واري هوندي آهي، تڏهن پنيءَ جو سالڪ، جو ٽوڪري ۾ هڪ ڪڪڙ ڪٽي ايندو آهي، تنهن کي هو سڄيءَ پنيءَ ۾ ڊوڙڻ لاءِ چڏيندو آهي. سيئي لايارا آن جي پئيان هوندا آهن، تانجو ڪيس ڦاسائي وجهندا آهن. پئي هنڌ، سيئي لايارا آخرين وڍيل آن کي هڪئي کان کسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪو به آن کي کسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، تنهن کي ڪڪڙ وانگر ٻانگ ڏيڻي پوندي آهي ۽ ڪيس ڪڪڙ سڏيو ويندو آهي. وينڊ قبيلي وارن ۾ هيءَ رسم آهي يا ڪجهه وقت اڳ هئي ته زميندار آخرين وڍيل ستيءَ هيٺان هڪ جيئرو ڪڪڙ لڪائي چڏيندو هو ۽ جڏهن ستيون جمع ڪيون ويديون هيون، تڏهن جيڪو لايارو ڪڪڙ واري ستي ڪٽندو هو، تنهن کي انهيءَ ڪڪڙ کي هن شرط تي ٻاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ رکڻ جو حق هوندو هو، تہ هو ان کي ڊوڙندي ڊوڙندي، قاسائڻ ۾ ڪامياب ٿئي. لاباري جي جشن جي اها پڇاڻي هوندي هئي ۽ انهيءَ واقعي کي "ڪڪڙ قاسائڻ" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهيءَ موقعي تي لاياڻ کي جيڪو ٻيئر پيئاريو ويندو هو، تنهن کي "ڪڪڙ - ٻيئر" چيو ويندو هو. پوئين سٽيءَ کي ڪُڪڙ، ڪڪڙ - سٽي، لاباري - ڪُڪڙ، لاباري - ڪُڪڙ ۽ سرڪ - ڪُڪڙ سڏيو ويندو آهي. فصل جي جنس مطابق، "ڪڪڙ - ڪڪڙ" ۽ "دال - ڪڪڙ" وغيره ۾ امتياز ڪيو ويندو آهي. ٽورنگين ۾، وونشينسوهل وٽ، آخرين سٽيءَ کي ڪڪڙ جي صورت ۾ ٺاهيو ويندو آهي ۽ ڪيس "لاباري - ڪڪڙ" سڏيو ويندو آهي. ويسٽ فاليا ۾ خاص طرح ڪاڻيءَ، دفتريءَ، سنگن يا گلن مان ٺهيل هڪ ڪڪڙ لاباري واري گاڏيءَ جي اڳيان ڪٽي هلندا آهن ۽ ڪڪڙ جي چهنب ۾ زمين جا هر قسم جا ميوا لٽڪايا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ورڻي لاباري جي آخرين گاڏي تي بيهاريل "مئي - وڻ" جي چوٽيءَ تي ڪڪڙ جو هڪ ٻوٽو ٻڌو ويندو آهي. ٻين هنڌن تي وري، هڪ جيئرو ڪڪڙ يا ان جو ٻوٽو "لاباري - تاج" تي ٻڌي، ڪين لڪڙي ۾ اٽڪائي سٽي تي ڪٽي هلندا آهن. گئليشيا ۾ ۽ ٻين هنڌن تي، انهيءَ جيئري ڪڪڙ کي آن جي سنگن يا گلن جي هارن سان ٻڌو ويندو آهي ۽ آن کي لاباري ٽيندڙ عورتن جي اڳوان، لاباري جي جلوس جي پيشوائي ڪندي، پنهنجي سٽي تي ڪٽي هلندي آهي. سليشيا ۾، هڪ جيئري ڪڪڙ کي ٽالهيءَ تي رکي، ٻنيءَ جي مالڪ اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي. "لاباڙي- دعوت" کي "لاباري - ڪڪڙ" "ناڙي - ڪڪڙ" وغيره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوليو. ويندو آهي ۽ انهيءَ دعوت ۾ هر هنڌ نه، تہ ڪن هنڌن تي ڪر از ڪر، بهترين ڪاڏي جي ٽالهي، پکل ڪڪڙ هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪوچوان لاباري واري گاڏي کي اونڌو ڪري وجهندو آهي، تہ سندس لاءِ چيو ويندو آهي تہ "هن لاباري - ڪڪڙ کي ماري وڌو آهي" ۽ ان ڪري کيس ڪڪڙ، يعني لاباري - دعوت کان محروم رهڻو پوندو آهي. لاباري - گاڏي کي، ڪڪڙ جي بوتي سوڌو، ديري ڏانهن سوڪلڻ کان اڳ، زميندار جي گهر جي چوڌاري ڦيرايو ويندو آهي. پوءِ ڪڪڙ کي گهر جي دروازي جي مٿان يا پاسي ۾ يا سامهون واريءَ ديوار ۾ ميخ سان ٽوڪيو ويندو آهي، جتي اهو ايندڙ لاباري ٽائين ڪٽل رهندو آهي. مشرقي فريسلنڊ ۾، جيڪو ماڻهو ڳاهه وقت سيني کان پويون ڏڪ هڻندو آهي، تنهن کي "ترڙي ڪڪڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ سندس سامهون ڇڪڻ لاءِ آنءُ اهڙيءَ طرح اڇلايو ويندو آهي، جڏ تہ هو درحقيقت ڪا ڪڪڙ آهي.

وري، آنَ جي روح کي ڪڪڙ جي صورت ۾ قتل ڪيو ويندو آهي. جرمنيءَ، هنگريءَ، پولنڊ ۽ بيڪارڊيءَ جي ڪن حصن ۾، لايارا هڪ زنده ڪڪڙ کي انهيءَ آنَ ۾ رکندا آهن، جو سپ کان پوءِ ڏڪڻ وارو هوندو آهي ۽ آهي سڃيءَ ٻنيءَ ۾ ڪڪڙ جي پوبان ڊوڙندا آهن يا وري کيس ڪڇيءَ تائين زمين اندر دفن ڪندا آهن، بعد ۾، اهي ڏاڻي سان سندس سري لاهي ڇڏيندا آهن. ويسٽ فاليا جي ڪبترن حصن ۾، جڏهن لايارا کان جو ڪڪڙ مالڪ وٽ ڪٽي ويندا آهن، تڏهن هو کين ان جي عيوض هڪ جيئرو ڪڪڙ ڏيندو آهي، جنهن کي اهي ڇهن يا ڪائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ماريندا آهن يا پراڻي ترار سان ذبح ڪندا آهن ۽ يا وري ڪيس آنَ جي ديري اندر چوڪرين ڏانهن ڪٽي اڇلائيندا آهن يا مالڪياڻيءَ کي رڌڻ لاءِ ڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪوبہ "لاباري- ڪڪڙ" هارجي نہ پيو آهي — يعني ڪوبہ گاڏو اونڌو نہ ٿيو آهي — تہ پوءِ لاباري وارن کي زميندار گهر ۾ بيٺل ڪڪڙ کي پٿر هٿي مارڻ يا ذبح ڪرڻ جو حق هوندو آهي. جتي انهيءَ رسم جو رواج باقي ڪونہ رهيو آهي، اتي زميندار جي زال اڃا تائين، عام طور، لاياڻن لاءِ ڪڪڙ جو شوربو ٺاهيندي آهي ۽ ڪين انهيءَ ڪڪڙ جي سري ڏيکاريندي آهي، جنهن کي شوربي لاءِ ذبح ڪيو ويو هوندو آهي. ٽرانسلوانيا ۾، ڪلاسينبرگ جي پسگردائيءَ ۾، لاباري واريءَ ٻڪيءَ ۾ هڪ ڪڪڙ کي اهڙيءَ طرح دفن ڪيو ويندو آهي، جو آن جو فقط مٿو ٻاهر هوندو آهي ۽ پوءِ هڪ هڪ نوجوان ڪڙمي پنهنجو ڏانڊو ڪٽي، هڪ ٻي ڏڪ سان سندس سريءَ کي اڏائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن هو انهيءَ ڪم ۾ ناڪامياب ٿيندو آهي، تہ پوءِ ڪيس سڄي سال تائين ڳاڙهو ڪڪڙ" سڏيو ويندو آهي ۽ ماڻهن کي اهو ڊپ رهندو آهي تہ ايندڙ سال جو فصل خراب ٿيندو. ٽرانسلوانيا ۾، ادوارهيليءَ وٽ، هڪ جيئري ڪڪڙ کي آنَ جي پوئينءَ سٽيءَ ۾ ٻڌو ويندو آهي ۽ ڪيس سيخ هٿي ماريو ويندو آهي. پوءِ سندس ڪل لاٿي ويندي آهي ۽ گوشت ڦٽو ڪيو ويندو آهي پر سندس ڪل ۽ ڪنب ٻئي سال تائين محفوظ رکيا ويندا آهن، موسم بهار ۾ انهيءَ پوئينءَ سٽيءَ سان آنَ جا ڏاڙا ڪڪڙ جي ڪنبن سان ملايا ويندا آهن ۽ انهيءَ ٻنيءَ تي هيڏانهن هوڏانهن ڦهلايا ويندا آهن، جنهن کي آباد ڪرڻو هوندو آهي. آنَ جي روح جي ڪڪڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان شناخت کي هن کان وڌيڪ روشنيءَ ۾ پي ڪاڏ حقيقت نہ ٻيهاري سگهندي. ڪڙ کي آنَ جي پوئينءَ ستيءَ سان ٻڌي ۽ ذبح ڪري، آنَ سان شناخت ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس ذبح کي آنَ جي لٽجڻ سان. سندس ڪنين کي بهار تائين محفوظ رکڻ، کين ساڳيءَ ستيءَ مان نڪتل آنَ جي داڻن سان ملائڻ، جنهن ۾ ڪڙ کي ٻڌو ويو هو ۽ کنين کي آنَ سان ملائي ٻنيءَ ۾ ڦهلائڻ سان، انهيءَ پڪيءَ جي آنَ سان شناخت کي وري ٻ تقويت ملي ٿي ۽ آنَ جي روح کي زندگي ۽ قوت بخشيندڙ طاقت هڻڻ جي حيثيت ۾ بلڪل واضح طريقي سان اسان تي ظاهر ڪري ٿي. چنانچ، آنَ جي روح کي ڪڙ جي صورت ۾ لاباري وقت قتل ڪيو وڃي ٿو، پر اهو موسم بهار ۾ وري تازي زندگي حاصل ڪري ٿو. وري، ڪڙ جي اناج سان هڪجهڙائي، اهڙي ئي صاف نموني سان، انهيءَ پڪيءَ کي زمين اندر دفن ڪرڻ ۽ سندس سريءَ کي (آنَ جي سنگن وانگر) ڏانڊي سان ويڙڻ جي رسم ڄاڻ، ظاهر ٿئي ٿي.

۴- **آنَ جو روح، سَهي جي صورت ۾:** آنَ جي روح جو هڪ ٻيو عام نمائندو، سَهو آهي. گذريو ۾، پوئين بيئل آنَ جي لٽڻ کي "سَهي کي لٽڻ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ آن جي لٽڻ جو هيٺيون طريقو هوندو آهي. جڏهن ٻيو سڀ آنَ لڄي ويندو آهي، تڏهن فقط هڪ سُٽ کي "سَهي" ناهڻ لاءِ ٻنيءَ تي بيئل چڏيو ويندو آهي. آن کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي ۽ بيئل سَلن کي چوٽيءَ وانگر هڪٻئي سان وکوڙيو ويندو آهي، سنگن کي هڪ ڳنڍ جي صورت ۾ ٻڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. لاباري ڪرڻ وارا، پوءِ ڪجهه وال پٽي هٽي ويندا آهن ۽ منجهائين هرهڪ ڇٽو واري وٽيءَ سان "سهي" کي ويڙهي لاءِ مٿس پنهنجو پنهنجو ڏانڊو اڇلائيندو آهي "سهي" کي گنڊ جي هيٺان ويڙهو هوندو آهي. ان ڪري لايارا هڪٻئي پٽيان مٿس پنهنجا ڏانڊا تيستائين اڇلائيندا رهندا آهن، جيستائين منجهائين هڪ ڇٽو اُن کي گنڊ کان هيٺ ويڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. "سهي" کي، پوءِ، گهر ڪٽي ويندا آهن، جتي ڪيس نوڪرياڻيءَ کي بورچيخاني ۾ ڏنو ويندو آهي، جا اُن کي اندرين طرفان بورچيخاني جي دروازي مٿان رکي ڇڏيندي آهي. ڪڍهن ڪڍهن "سهي" کي ايندڙ لاباري تائين انهيءَ هنڌ رکيو ويندو آهي. مينگاف ضلعي ۾، جڏهن "سهي" کي ويڙهو ويندو هو، تڏهن ڪٽارا لايارا پنهنجيءَ پوريءَ قوت سان گهر ڏانهن دوڙندا هئا ۽ منجهائين جيڪو به پهين سيني کان اول پهچندو هو، تنهن جي سيني کان اول شادي ڪئي ويندي هئي. جرمنيءَ ۾ ۽ پوئين سڀيءَ جي مختلف نالن سان هڪ "سهو" هوندو آهي. چنانچه، اٽهالٻ جي ڪن حصن ۾، جڏهن آن لٽجي ويندو آهي ۽ باقي فقط ٿورا ڪانا بيٺل ڇڏيا ويندا آهن، تڏهن ماڻهو چوندا آهن ته "سهو" جلد ايندو يا لايارا هڪٻئي کي سڏ ڪري چوندا آهن ته "ڏسجانءِ ته سهو ڪيئن نه ٽپ ڏيندو باهر ٿو اچي". اوپر پرشيا ۾ چوندا آهن ته "سهو آن جي آخرين بيٺل ٽڪر ۾ ويٺو هوندو آهي، جنهن کي پوئين لاباري کي اتان پڄائي ڪيڏو هوندو آهي." لايارا پنهنجي ڪرڪي تيزيءَ سان جنبي ويندا آهن ۽ منجهائين هرهڪ انهيءَ فڪر ۾ هوندو آهي ته ڪيس "سهي کي گولي پڄائڻو نه پوي"، چوته جيڪو ماڻهو اٽين ڪندو آهي يعني جيڪو سيني کان پويان ڪانا وڍيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، تنهن تي سندن پيا سائڻ لڪوليون ڪندا آهن. آڇ ۾، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، آخرين آنَ ڪي ويڙ جي اظهار جا لفظ "سهي جو ڇ ويڙ" هوندا آهن. جرمنيءَ، سئيڊن، هالنڊ، فرانس ۽ اٽليءَ ۾، جيڪو ماڻهو آخرين آنَ وڌيندو آهي، تنهن لاءَ چيو ويندو آهي ته هو "سهي ڪي پيو ڪُهي". ناوري ۾، جتهن ماڻهوءَ لاءَ چيو ويندو آهي ته "هو سهي ڪي ڪُهي رهيو آهي"، تنهن ڪي پنهنجن سائين ڪي برانڊيءَ جي صورت ۾ "سهي جو رت" پيئارڻو پوندو آهي. ليسبوس ۾، جڏهن لايارا پاسي واربن ۾ ننڍن ۾ ڪم ڪري رهيا هوندا آهن، تڏهن پنهي ٽولين مان هرهڪ، پنهنجو ڪم ٻئي کان اڳ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ته جيئن آها "سکهي" ڪي پنهنجي پاڙيسريءَ جي ٻئيءَ ۾ هڪالي سکهي، جيڪي لايارا ان ڪي هڪالي ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن، سي ايندڙ سال لاءَ بهتر فصل جي توقع رکندا آهن. آنَ جي هڪ ننڍي سٽڙي ناهي ويندي آهي، جا ٻئي سال جي لاباري تائين مقدس تصويرن جي پرسان رکي ويندي آهي.

۵- ان جو روح، ٻلي جي صورت ۾: وري آنَ جو روح ڪڏهن ڪڏهن ٻليءَ جي صورت اختيار ڪري ٿو. ڪيل جي آسپاس، پارن ڪي ننڍن ۾ وڃڻ کان خبردار ڪيو ويندو آهي، چو ته "آتي ٻلي ويڙي هوندي آهي." ايسيناچ اوبرلنڊ ۾، کين چيو ويندو آهي، "آنَ-ٻلي ايندي ۽ اوهان کي ڪٽي ويندي"، "آنَ-ٻلي آنَ ۾ وڃي ٿي". سليشيا جي ڪن علائقن ۾، پوئين آنَ لڻ وقت چوندا آهن ته "ٻلي پڪڙجي ويئي." ڪاهڻ ڪاهڻ وقت، جيڪو ماڻهو آخرين ڏڪ هڻندو آهي، خود تنهن کي "ٻلي" سڏيو ويندو آهي. ليانس جي پسگردائيءَ ۾، پوئين سٽيءَ ۽ لاباري جي دعوت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي کي "ٻلي" چيو ويندو آهي. ويسول جي آسپاس، جڏهن پويون آنڊ لٽيو ويندو آهي، تڏهن ماڻهو چوندا آهن، "اسان ٻليءَ کي پڇ کان پڪڑيو آهي." ڊافائين ۾، بريان کوين وٽ، لاباري جي شروعات وقت هڪ ٻليءَ کي رينن، گلن ۽ آنڊ جي سنگن سان سينگاريو ويندو آهي. کيس "کينهونءَ-کل" جي ٻلي" سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن کو لايارو ٻنهنجي ڪم ڪندي زخمي ٿي پوندو آهي، تہ سندس زخم آنهيءَ ٻليءَ کان ڇڪايو ويندو آهي. لاباري جي ختم ٿيڻ وقت، ٻليءَ کي وري ۽ رينن، گلن ۽ سنگن سان سينگاريو ويندو آهي. ان کان پوءِ لايارا نچندا ڪڏندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. جڏهن ناچ پورو ٿيندو آهي، تڏهن چوڪريون ڏاڏيءَ سنجيدگيءَ سان ٻليءَ جي هار سينگار جو سازوسامان لاهيندڙون آهن. سليشيا ۾، گرونبرگ وٽ، جيڪو لايارو سڀني کان پٺتي رهجي ويندو آهي، تنهن کي "پڇ وڍيل ٻلو" سڏيندا آهن. کيس رائيءَ جي ڪانڊ ۽ ساون جهن ۾ ويڙهيو ويندو آهي ۽ چولهيءَ وانگر ڪنڊيل پڇ ڏنو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن کيس سائيءَ ڏيڻ خاطر، ساڳيءَ پوشاڪ ۾ ملبوس هڪ ٻيو ماڻهو ساڻ ڏنو ويندو آهي، جنهن کي ٻلي" (مادي) سڏيو ويندو آهي. سنڊن فرض اهو هوندو آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کي ڏسن، تنهنجي ٻڌيان ڊوڙن ۽ ان کي هڪ ڏگهيءَ لٺ سان مارين. امينس جي پرسان لاباري ختم ڪرڻ جي اظهار ڪرڻ لاءِ ماڻهو چوندا آهن تہ "اهي ٻليءَ کي قتل ڪرڻ وارا آهن." ۽ جڏهن پويون آنڊ لٽجي ويندو آهي، تڏهن اهي ماڻهو ٻنيءَ جي لوڙهي ۾ هڪ ٻلي ماريندا آهن. فرانس جي ڪن حصن ۾، گاهَ وقت هڪ زنده ٻليءَ کي آن جي آخرين بنڊل هيٺان رکيو ويندو آهي ۽ کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاهه جي ڏندن سان ڏڪ هڻي ماريو ويندو آهي. آن کان پوءِ ايندڙ آرتوار تي، کيس باهه تي پچايو ويندو آهي ۽ سوکل واري ڏينهن تي کاڌڙ طعام طور کاڌو ويندو آهي. ووسجز جبلن ۽ گاهه کي خشڪ ڪرڻ يا لاباري جي اختتام کي "هليءَ کي قاسائڻ" "ڪتي کي ڪهڻ" يا وري سهي کي قاسائڻ" سڏيو ويندو آهي. "ڪتي، هليءَ يا سهي کي فصل جي سڀائيءَ يا خرابيءَ مطابق ٽلهو يا سنهو سڏيو ويندو آهي. جيڪو ماڻهو خشڪ گاهه يا ڪڪ جي سيني کان آخرين ڀڻ وڍيندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن "سهي کي قاسايو" يا "ڪتي کي ڪڻو" آهي.

۶- آن جو روح ٻڪريءَ جي صورت ۾: آن کان سواءِ، آن جو روح ٻڪريءَ جي صورت ۾ ب.ظاهر ٿيندو آهي. پرشيا جي ڪن حصن ۾، جڏهن هوا جي زوردار جهوٽن سبب ان هيٺ جهڪندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو چوندا آهن ته، "ٻڪريون هڪ ٻئي کي ڏيڪائي رهيون آهن" "هوا ٻڪرين کي آن سان پچائي رهي آهي" "ٻڪريون آتي چري رهيون آهن" ۽ اهڙيءَ صورت ۾ آهي پڻ فصل جي اميد رکندا آهن. وري، آهي هيٺن ٻه چوندا آهن ته "اوٽس - ٻکري اوٽس جي ٻنيءَ ۾ ويٺي آهي" "آن - ٻکري رائيءَ جي ٻنيءَ ۾ ويٺي آهي." ٻارن کي چتاءُ ڏنو ويندو آهي ته آهي آن جي ڳلن ٻڌل لاءِ ٻنيءَ ۾ نه وڃن يا ڦرين ٻڌل لاءِ ولين ۾ نه وڃن، جو ته "رائي - ٻکري" "اوٽس - ٻکري" يا "ڦرين - ٻکري" اتي ويٺي يا ليٽي پيئي آهي، جا کين ڪٽي ويندي يا ماري ڇڏيندي. جڏهن ٻه کو لاباري لڙ وارو بيمار ٿي پوندو آهي يا ٻهنڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر ۾ پين همراهن کان پڻتي رهجي ويندو آهي. تڏهن سندس پيا ساٿي چوندا آهن ته، "لاياري - ٻڪريءَ هُن کي ڏڪو ڏنو آهي" "ڪيس آن - ٻڪريءَ ڏڪو ڏنو آهي." برانسبرگ (اوڀر پرشيا) جي آس پاس ٽيل جَوَن جي ستين ڏڻ وقت هر هڪ لاياروڪر پوري ڪرڻ لاءِ تڪڙ ڪندو آهي ته "متان آن - ٻڪري ڪيس ڏڪو ڏئي." ناروي ۾، اوفوٽن وٽ، هرهڪ لاياري کي لڙ لاءِ پنهنجو پنهنجو ٻنيءَ جو ٽڪر ملندو آهي. جڏهن وچ وارو لاياروپنهنجيءَ ٻنيءَ جو ٽڪر ٻين کان پوءِ لڻي پورو ڪندو آهي، تڏهن آن لاءِ چيو ويندو آهي ته، "هو ٻيٽ تي رهجي ويو آهي." جيڪڏهن پڻتي ٻيل لاياروم مرد هوندو آهي، ته ڪيس آنهيءَ آواز سان پڪاريو ويندو آهي، جنهن سان آهي هڪ ٻڪر کي سڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن اها عورت هوندي آهي، ته ڪيس آنهيءَ آواز سان پڪاريو ويندو آهي، جنهن سان هڪ ٻڪريءَ کي سڏيو ويندو آهي. لوئر ٻئويريا ۾، اسٽرائينگ جي پرسان، جيڪو ماڻهو پويون آن وڃي ويندو آهي، تنهن لاءِ فضل جي جنس مطابق چيو ويندو آهي ته آن - ٻڪري، يا ڪٽڪ - ٻڪري يا اوٽس - ٻڪري آنهيءَ وٽ آهي." تنهن کان سواءِ، آن جي پوئينءَ ڏيريءَ ۽ ٻان ۾ سنگ رکيا ويندا آهن ۽ آنهيءَ ڏيريءَ کي "سنگن واري ٻڪري" سڏيو ويندو آهي. اوڀر پرشيا ۾، ڪريوٽزبرگ وٽ، جيڪا عورت آخرين سٽي ويڙي ٻڌندي آهي، تنهن کي واکو ڪري چيو ويندو آهي ته "سٽيءَ اندر ٻڪري ويڙي اڇيئي" سوايا ۾، گيبلنگين وٽ، جڏهن ڪنهن به ٻنيءَ جي آخرين ٻاريءَ ۾ ٻيل جَوَن جو لاياروٽي رهيو هوندو آهي، تڏهن لاياراڪاڪ مان هڪ ٻڪريءَ جو ٻوتو ٽاهيندا آهن. سندس ٻات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ناسن اندر جَوَن جا سنگ وڌا ويندا آهن ۽ ڪچيءَ ۽ گلن جا هار وجهي ڪيس سينگاريو ويندو آهي. پوءِ اُن کي ٻنيءَ ۽ رکيو ويندو آهي ۽ ڪيس "جَوَ - ٻکري" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڇڏهن لاءِ پورو ٿيڻ جي قريب هوندو آهي، تڏهن هرهڪ لاءِ پنهنجي ٻاريءَ کي اڳ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ تڪڙ ڪندو آهي، جيڪو سڀني کان پوءِ لاءِ ختم ڪندو آهي، تنهن کي اها "جَوَ - ٻکري" ملندي آهي. وري، ڪن هنڌن تي نهود آخرين سٽيءَ کي "ٻکري" چيو ويندو آهي. چنانچه، بلويريا ۽ "وائسينٽ جي واڌيءَ ۽ ٻنيءَ جي وچ ۽ ٻڌل آخرين سٽيءَ کي "ٻکريءَ" ڪوئيو ويندو آهي ۽ اتان جي ماڻهن وٽ هڪ پهاڪو آهي ته "ٻنيءَ کي ٻکري ڇڏ گهرجي". جرمنيءَ جي "هيس" علائقي جي اسپاچ بروڪن ڪوٽ وٽ، آن جي جيڪا پوئين مٺ وڌي ويندي آهي، تنهن کي "ٻکري" سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪو ماڻهو اها وڌيندو آهي، تنهن تي ڏاڍي ٺٺولي ڪئي ويندي آهي، بيبن ۽ ۽ رينبوشنگ ۽ موسباڪ وٽ آن جي پوئين سٽيءَ کي به "ٻکري سڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڇڏهن پوئين سٽيءَ کي ٻکريءَ جي صورت ڏني ويندي آهي ۽ ماڻهو چوندا آهن، "ان ۽ ٻکري ويئي آهي". چنانچه، ميڪلينبرگ جي ڪن حصن ۽ جيڪا عورت آخرين سٽي ٻڌندي آهي، تنهن کي سڏ ڪري چيو ويندو آهي ته "توڻ ته لاباري ٻکري آهين" هنوور ۽ پولزين وٽ، لاباري جي دعوت جو آغاز "لاباري - ٻکريءَ آڻ سان ٿيندو آهي"، يعني جنهن عورت آخرين سٽي ٻڌندي هوندي آهي، تنهن کي ڪڪڻ ۽ ويڙهيو ويندو آهي، سندس مٿي تي لاباري جو هار تاج وانگر رکيو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪيس هڪ هٽ - گاڏيءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهاري، ڪوٺ ۾ آندو ويندو آهي، جتي سپ لايارا گول چڪر جي صورت ۾ ويهي ناچ ڪندا آهن. ليونبرگ وٽ ٻڌ، جنهن عورت آن جي سيني کان پوئين سڪي ٻڌي هوندي آهي، تنهن کي سنگن مان ڪهيل هڪ تاج مٿي ۾ وجهي، "آن-ٻڪري" ڪوٺيو ويندو آهي. ٻيڏن ۾، منزيشير وٽ، جيڪو لايارو آن جي پوئين سڪ ويندو آهي، تنهن کي "آن-ٻڪري" سڏيو ويندو آهي. سٽزرلينڊ جي سينٽ گال ضلعي ۾، جيڪو ماٺهو ٻڪيءَ تي آن جي آخرين سڪ ويندو يا آن جو آخرين ڳاڏو ڊيري ڏانهن آڻيندو آهي، تنهن کي "آن-ٻڪري" ۽ يا "رائي-ٻڪري" ۽ يا فقط "ٻڪري" ڪوٺيو ويندو آهي. ٽورگائو ضلعي ۾، ڪيس "آن-ٻڪري" سڏيندا آهن، ٻڪريءَ وانگر سندس ڪنڌيءَ ۾ گهنڊي ۽ لڪائي ويندي آهي، سندس فاتحانه جلوس ڪڍيو ويندو آهي ۽ ڪيس شراب سان تربتر ڪيو ويندو آهي. آسٽائيريا جي ڪن علاقن ۾، جيڪو ماٺهو آن ويندو آهي، تنهن کي "آن-ٻڪري"، "اونس-ٻڪري" يا ٻيا اهڙا نالا ڏنا ويندا آهن. عام قاعدي موجب، جنهن ماٺهوءَ کي اهڙيءَ طرح "آن-ٻڪريءَ" جو نالو ملندو آهي، تنهن کي سڄي سال جي دوران ۾، ٻئي لاباري تائين، انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي.

هڪ نظريي مطابق، آن جو روح، جنهن کي ٻڪريءَ جي روپ يا ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ قاسايو ويو هوندو آهي، سو سياري ۾ آن جي ديري يا زميندار جي گهر اندر رهندو آهي. چنانچه، هرهڪ ٻنيءَ کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ شخصيت وارو آن جو روح هوندو آهي. پر ٻئي نظريي مطابق، آن جو روح فقط هڪ ٻنيءَ جي آن جو نه پر سڄي آن جو ديوتا آهي. ان ڪري، جڏهن هڪ ٻنيءَ جو سڄو آن لڻجي وڃي ٿو، تڏهن اهو روح ٻئي ڪيٽ ڏانهن پڄي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو وڃي، جتي اڃا تائين آنَ لڄڻ لاءِ باقي ٻيئل آهي اهو نظريو هڪ اهڙيءَ لاباري جي رسم سان عيان ٿئي ٿو، جا اڳئين زماني ۾ اسڪائيءَ ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. جيڪو ڪڙمي پُهريائين لاباري لاهي فارغ ٿيندو هو، سو ڪنهن مرد يا عورت کي آنَ جي هڪ سٽي ڏيئي، پاسي واري ڪنهن اهڙي ڪڙميءَ ڏانهن ميوڪليندو هو، جو اڃا تائين لاباري ۾ مصروف هوندو هو، اهڙيءَ طرح، اُها سٽي هڪ ڪان ٻيءَ ٻنيءَ ڏانهن چڪر لڳائيندي رهندي هئي، ٻڌائجو، آسپاس جي سڀني ٻنين جو سڄو آنَ لڄي ويندو هو. آنهيءَ سٽيءَ کي "گوبير پاڪاف"، يعني "لولي ۽ لنگڙي پڪري" سڏيو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ اها رسم اڄ تائين ۾ قائم آهي، پوتہ گهٽو وقت نہ ٿيو، جو اسڪائيءَ مان ساڳيءَ رسم جي ادائگيءَ جي خبر آئي هئي. آنَ جي روح کي، اهڙيءَ طرح، منڊو ڏيڪاريو ويندو هو، پوتہ ڪين آنَ جي روح جي وڃڻ سبب لولو ٻڌايو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جيڪا عورت آنَ جي آخرين سٽي گهر ڪٽي ايندي آهي، تنهن کي هڪ ٻير تي منڊڪائڻو پوندو آهي.

۾ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جو هيءَ اعتقاد هوندو آهي تہ آنَ جو روح پڪريءَ جي صورت ۾ لاباري واريءَ ٻنيءَ تي ڏانڊي سان قتل ٿي وڃي ٿو. چنانچہ، برڪن ڪاسل جي پسگردائيءَ ۾، موسيل درياه تي، لايارا پُسڪا وجهي آنهيءَ ڪالهہ جو فيصلو ڪندا آهن، تہ ڪين هڪ ٻئي جي پٽيان ڪهڙي سلسلي سان هلڻ گهرجي. ڦهرين ماڻهوءَ ڪي لايارن جو پيشوا ۽ پوئين کي آخرين لايارو سڏيو ويندو آهي، جيڪڏهن اهو لايارو پنهنجي اڳيان ٻيئل لاباري کي لڄڻ جي مقابلي ۾ ساري ويندو آهي، تہ پوءِ هو سندس پاسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان لٹيندو، ڦيرو ڏيندو، ڪاهل لاياري کي اڪيلي ۽ پاري ۽ ۾ ڇڏي، اڪثي وڏي ويندو آهي. انهيءَ پاريءَ کي "پکري" سڏيو ويندو آهي، ۽ جنهن ماڻهوءَ لاءِ اهڙي نموني ۾ "پکريَ وڏي ويندي آهي"، تنهن تي سندس پيا ساٿي سڄو ڏينهن ڪلندا ۽ ٺٹوليون ڪندا آهن. جڏهن آخرين لاياروءَ باقي بيل آنَ جا سنگ وڌيندو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي ته "هو پکريءَ جي ڳردن وڌي رهيو آهي". گرينويل جي آسپاس، لاباري جي ختم ٿيڻ کان ٻوءِ اڳ، هڪ جيڙي پکريءَ کي گلن ۽ ريبن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ ڪيس سڄيءَ ۾ ٻوڙڻ ڏنو ويندو آهي. سيئي لايارا ان جي پٺيان پوندا آهن ۽ ڪيس ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن اها ڦاسي ويندي آهي، تڏهن ڳڙميءَ جي زال آن کي مضبوط جهلي بيهندي آهي ۽ ڳڙمي آن جي ڳردن قلم ڪندو آهي. پکريءَ جو گوشت لاباري جي دعوت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، گوشت جي هڪ ٽڪر کي آچار وانگر پٽي لاباري تائين محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي. جڏهن پي پکريَ ذبح ڪئي ويندي آهي، ٻوءِ، سيئي لايارا گڏجي انهيءَ پکريءَ جو گوشت کائيندا آهن. ساڳئي ڏينهن، پکريءَجي چمڙي ماڻ هڪ جٻوناهيو ويندو آهي، جو اهڙي زميندار کي برسات يا خراب موسم جي حالت ۾ لاباري وقت پائڻو پوندو آهي، جو پنهنجن ڳڙمين سان گڏجي پٽيءَ تي گهر ڪندو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن لاياري کي گهر ڪندي، پٽيءَ ۾ سور پوندو آهي، تہ زميندار کيس پکريءَ جي آها کل پائڻ لاءِ ڏيندو آهي. ان لاءِ هيءَ سبب معلوم ٿي رهيو آهي تہ پٽيءَ جو سور، جو آن جو روح ٿي ڏيندو آهي، سو سندس ذريعي سان ٿي ٽيڪ ٿي سگهندو. ساڳيءَ طرح، هڪ پٽي هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ڏٺوسون تہ جڏهن لاباري وقت کو لايارو زخمي ٿي پوندو آهي، تہ سندس زخم کي ٻلي ۽ کان چٽارايو ويندو آهي، جا آن جي روح جي نمائندگي ڪندي آهي. "ٻون" نالي هڪ بيٽ ۾ آباد، ايسٽونين نسل وارا لايارا سمجهندا آهن تہ جيڪو ماڻهو لاباري وقت آن جا پهريان سنگ ويندو، تنهن کي ٻني ۽ درد ٿيندو، ڇو تہ آتان جي ماڻهن جو اهو اعتقاد نظر اچي ٿو تہ آن جو روح خاص طرح پهرئين زخم کائڻ تي سخت رنج ٿيندو آهي. انهي ۽ درد کان بچڻ لاءِ، ٽرانسلوانيا ۾ مقيم سئڪسن نسل وارا لايارا جيڪا آن جي پهرين مٽ لٽيندا آهن، تنهن جي سنگن سان هڪ پٿر ٻاهي آن سان پنهنجي ڪمر ڪشي ڇڏيندا آهن. هن حالت ۾ وري به آن جي روح کي زخمن چٽائڻ يا حفاظت ڪرڻ لاءِ منٽ ڪٿي وڃي ٿي، پر ٻکري ۽ يا ٻلي ۽ جي صورت ۾ تہ، سندس اصلوکي ۽ نباتاتي صورت ۾.

ان کان سواءِ، ڪڏهن ڪڏهن، آن جي روح کي ٻکري ۽ جي صورت ۾ آن جي ديري ۾ رکيل لٽيل آن اندر تيسين لکي ويڙل سمجهيو ويندو آهي، جيسين آن کي گاهه واري ڏنڊي سان ڏڪ هٽي، منجهائنس پڇايو نہ ويندو آهي. چنانچہ، بيڊن ۾ آن جي جيڪا آخرين سٽي گاهي ويندي آهي، تنهن کي فصل جي مختلف جنسن مطابق، "آن - ٻکري" "*اسپيلٽ - ٻکري" يا "اوٽس - ٻکري" سڏيو ويندو آهي. وري، ٻويريا جي اترئين حصي ۾، مارڪٽل وٽ، ڪائن کي "ڪڪن جون ٻکريون" يا فقط "ٻکريون" سڏيو ويندو آهي. ڪليل ٻني ۽ ڪائن جو هڪ وڏو ڍير ڪري، ماڻهو ٻه قطارون ٺاهي، هڪ ٻئي جي آهون سامهون ٿي ٻيهندا آهن ۽ اهي جيئن جيئن پنهنجا

* جرمن ڪٽڪ جي هڪ جنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊا وسائيندا رهندا آهن، تيئن تيئن هڪ گيت گائيندا رهندا آهن، جنهن ۾ اهي چوندا آهن ته "اسان کي ته کاڻن اندر ڪکن جي ٻکري ٽي نظر اچي." آخرين "ٻکريءَ" يعني پوئينءَ سٽيءَ کي گل بنفشي ۽ پين گلن جي هارن سان ڏاڳي ۾ پويل ڪيڪن سان سينگاريو ويندو آهي ۽ ڪيس آن جي ڏير جي عين وچ تي رکيو ويندو آهي. گاهه ڪرڻ وارا ڪجهه ماڻهو آن ڏانهن ڏوڪي ويندا آهن ۽ منجهائنس بهترين حصا چڪي ڪڍي ونڊندا آهن، ٻيا وري پنهنجا ڏنڊا اهڙيءَ بي احتياطيءَ سان هٽندا آهن، جو ڪڏهن ڪڏهن ته گاهه وارن جا ٻٽا ۽ ڦاٽي پوندا آهن. ٽائرول ۾ اوبرينٽال وٽ، آخرين گاهيندڙ کي "ٻکريءَ" سڏيو ويندو آهي. اولهه بوهيميا ۾، هٽسيلبرگ وٽ، جيڪو ماڻهو اوٽس گاهڻ وقت آخرين ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "اوٽس-ٻکري" چيو ويندو آهي. ووئرٽيمبرگ ۾، ٽيٽنانگ وٽ، جيڪو گاهه ڪرڻ وارو آن جي پوئينءَ سٽيءَ کي سيني کان پويون ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "ٻکر" سڏيو ويندو آهي ۽ سندس متعلق چيو ويندو آهي ته هن "ٻڪر" کي پڄائي ڇڏيو آهي. جيڪو ماڻهو آن جي آخرين سٽيءَ کي سڏي ڪرڻ کان پوءِ، آخرين ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "ٻکري" چيو ويندو آهي. هن رسم مان هيءَ مطلب نڪري ٿو ته آن اندر آن جي روحن جو جوڙو رهي ٿو، جن مان هڪ نر ۽ پيو مادي ٿئي ٿو.

اِن کان سواءِ، آن جي روح کي گاهه وقت ٻکريءَ جي صورت ۾ ٻڌايو، اهڙي پاڙيسريءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جنهن جو گاهه اڃا تائين ختم ڪونه ٿيو هوندو آهي. فرينچ ڪامٽيءَ ۾، جيڪڏهن ٻي گاهه ختم ڪيو ويندو آهي، تيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان ماڻهو هڪ اهڙي پاڙيسري زميندار جي ٻڌيءَ تي، جنهن اڃا گاهه گاهي پورو نه ڪيو هوندو آهي، ڪڪڻ ۽ ٿيل ٻڪريءَ جو هڪ ٻوتو رکندا آهن، جنهن جي عيوضي ۾ ڪيس انهن کي شراب يا نقد رقم ڏيڻي پوندي آهي. وورٽيمبرگ ۾، ايلوئنگين وٽ، گاهه وقت اُن جي جيڪا سڪي سيني کان پوءِ باقي وڃي بچندي آهي، تنهن ۽ ٻڪريءَ جو ٻوتو ٺاهيو ويندو آهي، جڏن ڪائين ۽ سندس ٽنگون ۽ ٻن. ۽ سندس سنگ ٻڌايا ويندا آهن. جيڪو ماڻهو، گاهه وقت سيني کان پويون ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "ٻڪريءَ" جو اهو ٻوتو ٻڌيءَ تي رکي پنهنجي اهڙي پاڙيسريءَ جي ديري ڏانهن ڪڍي وڃڻو پوندو آهي، جو اڃا گاهه ۾ مشغول هوندو آهي ۽ ٻوتي کي ڪيس زمين تي اڇلائڻو هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ ڪارروائيءَ ۾ ڦاسي پوندو آهي، تہ اهي ماڻهو "ٻڪري" کي سندس ٻڌيءَ تي ڪڍي ٻڌندا آهن. اتر ٻاويريا جي انڊرسبورف ڳوٺ ۾ ۽ ساڳئي قسم جي هڪ رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جيڪو ماڻهو ڪڪڻ ۽ ٿيل "ٻڪريءَ" کي پنهنجي پاڙيسريءَ جي ديري ۾ اڇلائيندو آهي، تنهن کي ٻڪريءَ جي "مين مين" جو نقل ڪرڻو پوندو آهي، جيڪڏهن ڪيس پڪڙيو ويندو آهي، تہ سندس منهن ڪارو ڪيو ويندو آهي ۽ اها "ٻڪري" سندس ٻڌيءَ سان ٻڌي ويندي آهي. آئلسبس ۾ سيورن وٽ، جڏهن ڪو زميندار گاهه گاهڻ ۾ پنهنجن همساين کان هڪ هفتو يا وڌيڪ پٺتي پيل هوندو آهي، تڏهن سندس دروازي اڳيان سڄي پڄيءَ ٻڪريءَ يا لوسڻ جي ڪل کي گاهه سان ڀري ٻوتو ٺاهي، رکيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن وري ائين سمجهيو ويندو آهي ته آن جو روح ٻڪريءَ جي صورت ۾ گاهه گاهڻ وقت قتل ٿي وڃي ٿو. اتر ٻئويريا جي ٽرانسٽين ضلعي ۾، ائين سمجهيو ويندو آهي ته "اوٽس- ٻڪر" اوٽس جي آخرين سڱيءَ ۾ هوندو آهي. انهيءَ ٻڪر جي نمائندگي هڪ پراڻيءَ ڏانداريءَ ذريعي ڪئي ويندي آهي، جنهن کي ابتو ڪري زمين ۾ کوڙيو ويندو آهي ۽ آن جي مٿان ڪا پراڻي ڪٽني وجهي، سندس منهن ڏاهيو ويندو آهي. بعد ۾، پارن کي "اوٽس- ٻڪر" کي کُهڻ لاءِ چيو ويندو آهي.

۷- **ان جو روح ڏاند، يا ڏڳي جي صورت ۾:** ٻي صورت جيڪا آنَ جو روح گهڻو ڪري اختيار ڪندو آهي، سا ڏاند، گهُونءَ يا ڏڳي جي هوندي آهي. جڏهن هوا آنَ جي مٿان سوسات ڪندي لنگهندي آهي، تڏهن اولهه پرشيا جي ڪونٽر علائقي جا ماڻهو چوندا آهن ته "آنَ ۾ وهڙو ڏوڙي رهيو آهي." جڏهن آنُ هڪ جاءِ تي مضبوط ۽ گهاڻو ٻيٹل هوندو آهي، تڏهن اوپر پرشيا جي ڪن علائقن جا ماڻهو چوندا آهن، "ڏاند آن ۾ ليٹيو پيو آهي." جڏهن ڪو لاباري وارو پاڻ پتوڙي پاڻ کي منڊو ڪري وجهندو آهي، تڏهن اولهه پرشيا جي گرادينز ضلعي جا ماڻهو چوندا آهن، "'ڏڳي' ڪيس ڏکو ڏنو آهي"، لورين ۾ چوندا آهن، "هن کي 'ڏڳو' آهي." انهن ٻنهي محاورن جو مطلب اهو هوندو آهي ته آهو لاياروبي خبريءَ وچان آنَ جي پاڪ روح مٿان ڪري پيو آهي، جنهن ناپاڪ دخل اندازي ڪندڙ کي سزا طور منڊو ڪيو آهي، سو چيمبريءَ نزديڪ، جڏهن ڪو لاياروپاڻ کي ڏانڊي سان زخمي ڪري وجهندو آهي، تڏهن سندس لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪيس "ڏاند جو زخم ڏنل آ هي". بونزلا (سليشيا) جي ضلعي ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخرين سٽيءَ کي ڪڏهن ڪڏهن سنگن واري ڏکي جي صورت ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ گاهه پريو ويندو آهي ۽ سندس چوڌاري سنگ ويڙهيا ويندا آهن. انهيءَ بوتي کي "پير مرد" ڪوليئو ويندو آهي. بوهيميا جي ڪن حصن ۾ آخرين سٽيءَ کي انساني صورت ڏني ويندي آهي ۽ کيس "پاڏو" سڏيو ويندو آهي. انهن حالتن ۾ اُن جي روح جو انساني ۽ حيواني صورتن ۾ پيدا ٿيل سونجهارو ظاهر ٿئي ٿو. آهو سونجهارو اهڙو آهي، جهڙو هوند ۾ گهڙ جي نالي ۾ وهڙي ڪي مارڻ ۾ آهي. سوايا جي سڄي علائقي ۾ ٻني ۾ تي آخرين سٽيءَ کي "ڪئون" چيو ويندو آهي، جيڪو ماڻهو آخرين سنگ وڍيندو آهي، تنهن ڪري "ڪئون هوندي آهي"، ۽ خود انهيءَ کي فصل جي جنس مطابق، "ڪئون" يا "جَوَ- ڪئون"، يا "اوٽس- ڪئون" سڏيو ويندو آهي. لاباڙي جي محفل ۾ کيس گلن جو گلدستو، اُن جا سنگ ۽ ٻين ماڻهن کان زياده شراب ڏنا ويندا آهن. ۽ مٿس چٽرون ۽ خوب ڪيون ويندين آهن. ماڻهو ڪلندا اٿن، ان ڪري کوبه "ڪئون" ٿيڻ پسند ڪونه ڪندو آهي. "ڪئون" جي نمائندگي، ڪڏهن ڪڏهن، عورت جو هڪ بوتو ڪندو هو، جو اُن جي سنگن ۽ اُن جي گلن سان ناهيو ويندو هو. انهيءَ بوتي کي اهو ماڻهو- زميندار- گهر تائين کڻي ويندو هو، جو اُن جي آخرين مُٺ وڍيندو هو. ٻار سندس پويان ڊوڙندا هئا ۽ پاڙيسري مٿس ڪلن لاءِ پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪري اينداهئا، تانجو زميندار ڪانئس "ڪئون" اڇي وٺندو هو. هتي، وري به اُن جي روح جي انساني ۽ حيواني صورتن جي درميان سونجهارو صاف ظاهر آهي. سٽزرلنڊ جي مختلف علائقن ۾، جيڪو لاياروپويان سنگ وڍيندو آهي، تنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪٽڪ- ڪٽون"، "آنَ- ڪٽون" "اونس- ڪٽون"، يا "آنَ- وهڙو" سڏيو ويندو آهي ۽ هو هر ڪنهن جي ٽٽوليءَ جو هڊف هوندو آهي. ٻئي طرف، اتر ٻوبريا جيڏ روزينهين ضلعي ۾، جڏهن ڪوبہ ڪڙمي پنهنجن پاڙيسرين کان زياده دير سان پنهنجو فصل آڻيندو آهي، تڏهن اهي سندس ٻنيءَ تي "ڪڪن جو ڏاند" ٻيهاري ايندا آهن. اهو هڪ زبردست ڏاند جو بوتو هوندو آهي، جنهن کي ڪائيءَ جي پنڇري تي ناڙن سان ٺاهيو ويندو آهي ۽ ڪيس گلن ۽ پٽن سان سينگاريو ويندو آهي. مقانئس ڪاغذ جي، هڪ چٽڪي لڳل هوندي آهي، جنهن تي انهيءَ ماڻهوءَ جي شان ۾ بي سرا شعر لکيل هوندا آهن، جنهن جي ٻنيءَ ۾ "ڪڪن جو ڏاند" رکيو ويندو آهي.

وري، آنَ جي روح کي ڏڪي يا ڏاند جي صورت ۾، لاياري وقت ٻنيءَ ۾ ئي قتل ڪيو ويندو آهي. ڏيڇون جي قريب پوٽليءَ وٽ، جڏهن آنَ جا پويان سنگ وڌيڻ وارا ئي هوندا آهن، تڏهن هڪ اهڙي ڏڪي کي ٻنيءَ ۾ چوڏاري ڦيرو ڏياريو ويندو آهي، جنهن کي: ريبن، گلن ۽ آنَ جي سنگن سان سينگاريو ويندو آهي. سپيئي لاياري گڏجي آن جي پٺيان نچندا ۽ خوشيون ڪندا ۽ جاوس ڪڍندا آهن. پوءِ هڪ ماڻهو، جنهن کي "شيطان" جو ويس ڏيڪيل هوندو آهي، آخرين سنگ وڌي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ هڪدم انهيءَ ڏڪي کي ذبح ڪندو آهي. انهيءَ جانور جي گوشت جو ڪجهہ حصو لاباري جي محفل ۾ ڪاڏو ويندو آهي، باقي حصن کي مصالحن ۾ وجهي ايندڙ بهار ۾ بيج ڇڻڻ جي موسم جي پهرئين ڏينهن تائين محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي. يونت آسوسان وٽ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي لاباري جي آخرين شام جو هڪ گابي کي گلن ۽ آنَ جي سنگن سان سينگاري، ٽي دفعا ٻنيءَ جي چوڏاري ڦيرايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي ۽ ڪيس گاهه يا ٻيءَ ڪا ڪائنات جي شيءِ ڏيکاري اڳتي وڌايو ويندو آهي يا ڪي ماڻهو ڪيس لڳيون هڻندا ويندا آهن يا وري ڪڙمي جي زال ڪيس رسي سان جهلي، اڳتي ڇڪيندي ويندي آهي. انهيءَ رسم لاءِ اهڙو گابو چونڊيو ويندو آهي، جيڪو انهيءَ سال جي موسم ۾ ٻنيءَ تي سڀني کان اول ڇانيو هوندو آهي. سڀني لاياڙا پنهنجا اوزار ڪٽي، ستدس پليان هلندا ويندا آهن، پوءِ وري ڪيس آزاد ڪري، ڊوڙڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي، لاياڙا ڪيس ڏيکائيندا آهن ۽ جيڪو ۽ ڪيس قاسائيندو آهي، تنهن کي "گابي جو بادشاهه" سڏيو ويندو آهي. سڀ کان پوءِ، آن کي ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ذبح ڪيو ويندو آهي، ڪوني وائهل وٽ، جيڪو ماڻهو ڪاساڻي جو ڪردار ادا ڪندو آهي، سو ڪوٺ جو ڀوڳي واپاري هوندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن وري، آن جو روح ڏيري اندر رکيل ٽٽيل آن ۾ لڪي ويهندو آهي ۽ گاهه وقت ڏاند يا ڪڻڪ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. چنانچ، ٽورنجين ۾ وورم لنگين وٽ، جيڪو ماڻهو گاهه وقت آخرين ڏڪ هڻندو آهي، تنهن کي "ڪڻڪ" يا فصل جي جنس مطابق، "جَوَ- ڪڻڪ" "اوٽس- ڪڻڪ" يا "مڪر- ڪڻڪ" سڏيو ويندو آهي. ڪيس نهن کان وڌي چوٽيءَ تائين ڪڪن ۾ ڏيکيو ويندو آهي، مٿي تي سنگن جي نقل ڪرڻ لاءِ ڪاڙيون هنيون ويندين آهن ۽ ۽ چوڪرا ڪيس رسي کان جهلي، ڪوهه تي پاڻي پيئارڻ لاءِ وڌي ويندا آهن. ڪوهه ڏانهن ويندي، ڪيس ڪڻڪ وانگر بان بان ڪرٽي پوندي آهي. ۽ آن کان پوءِ گهٽي وقت تائين هن کي "ڪڻڪ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. سوابيا ۾، اوپر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميدلنگين وٽ، جڏهن ڪاهه ختم ٿيڻ وارو هوندو آهي، تڏهن هر هڪ ماڻهو آخرين ڏڪ هٿ ڪان ڪترائيندو آهي. جيڪو آخرين ڏڪ هٿندو آهي، تنهن کي "ڪڻون ملندي آهي"، جا ڪاهه مان ٺهيل هڪ بوتو هوندي آهي، جنهن کي پراڻو ۽ قائل پڙو، ٽوپ ۽ جوراب پيل هوندا آهن. اهو بوتو سندس پٽي ۽ تي پيل پلال مان ٺهيل رسيءَ سان ٻڌو ويندو آهي، سندس منهن ڪارو ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس پلال جي رسين جيان هڪ هٿ، گاڏيءَ ۾ جوتي، سڄي ڇوٽ ۾ گهمايو ويندو آهي. هتي، وري به اسان کي آن جي روح جي انساني ۽ حيواني صورتن جي درميان اهو ٻئي موبنجهارو نظر اچي رهيو آهي، جنهن ڏانهن اسان جو ڏيان پين رسمن جي حالت ۾ ٻڌڻ ڏيو آهي. شافهاسين ضلعي ۾، جيڪو ماڻهو آخرين آن ڪاهيندو آهي، تنهن کي "ڪڻون" ڪوئيو ويندو آهي. ٿورڙا ضلعي ۾ ڪيس "آن-ڏاند" چيو ويندو آهي ۽ زيورچ ضلعي ۾ "ڪاهيندڙ ڪڻون" موخرالذڪر ضلعي ۾ ڪيس پلال ۾ ويڙهي، باهپڇي جي هڪ وڻ سان ٻڌو ويندو آهي. هنگاريءَ ۾، آزاد وٽ، جيڪو ماڻهو پوئين آن کي ڪاهيندو آهي، تنهن کي پلال ۾ ويڙهي، مقابلي ڪڻونءَ جي ڪل وڏي ويندي آهي، جنهن کي سنگ به لڳل هوندا آهن. ڊريسڊين ضلعي ۾، پيسنيز وٽ، جيڪو ماڻهو ڪاهه وقت ڏنڊي جو پويون ڏڪ هٿندو آهي، تنهن کي "ڏاند" سڏيو ويندو آهي. ڪيس ڪاهه مان هڪ ماڻهو ٺاهي، پنهنجي همسائي جي دريءَ جي سامهون رکڻو پوندو آهي. ظاهر آهي ته هن حالت ۾، جيئن ٻين گهڻين حالتن ۾ ڏسي آيا آهيون، آن جي روح کي اهڙي پاڙيسريءَ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڏاڍا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاھ گاھي پورو ڪونہ ڪيو آھي. تنھن ڪري، ٽورنجين ۽ هر بريچٽنگين وٽ، هڪ پوڙھيءَ عورت جو ٻوتو اھڙي زميندار جي ديري ۾ اچلايو ويندو آھي، جو گاھ گاھ ۽ سيني کان پٽتي رھجي ويو ھوندو آھي. جيڪو ماڻھو اھو ٻوتو اچلائيندو آھي، سو واڪو ڪري چوندو آھي تہ "اچڻي ٽي ڳڻون." جيڪڏھن انھيءَ زميندار جا گاھ گاھيندڙ ڪڙمي ڪيس پکڙي وڃندا آھن، تہ ڪيس راتو رات پاڻ وٽ روڪي ڇڏيندا آھن ۽ ڪيس سزا طور لاباري جي دعوت کان محروم ڪندا آھن. انھن ٻوڙن رسمن ۾ آن جي روح جي انساني ۽ حيواني صورتن جي درميان اھوئي مونجھارو وري ب منھن ڪڍي بيٺو آھي.

ان کان علاوہ، ڪڏھن ڪڏھن ھيءَ خيال ڪيو ويندو آھي تہ آن جو روح گاھ وقت قتل ڪيو ويندو آھي. آڪسيئر وٽ، آن جي ٻوئينءَ سٽيءَ گاھ وقت، گاھ ڪرڻ وارا وڏي آواز سان ٻارنھن دفعا چوندا آھن"، انسين ڏاند کي ذبح ٿا ڪريون". ٻوڙڻ جي پسگردائيءَ ۾، جتي لاباري جي ختم ٿيڻ کان ھڪدم پوءِ، ڪاسائي ٻنيءَ تي ڏيگو ذبح ڪندو آھي، آتي گاھ گاھ وقت جيڪو ماڻھو سيني کان پويون ڏڪ ھڻندو آھي، تنھن لاءِ چيو ويندو آھي تہ "ھن ڏيگي کي ذبح ڪيو آھي." چيمبريءَ وٽ، آخرين سٽيءَ کي "جوان ڏيگي" جي سٽي چيو ويندو آھي ۽ آن وٽ پھچڻ لاءِ ڏوڙ جو مقابلو ڪيو ويندو آھي، جنھن ۾ سيئي لايارا حصو وٺندا آھن. گاھ وقت، جڏھن آخرين ڏڪ ھنيو ويندو آھي، تڏھن اتان جا ماڻھو چوندا آھن تہ "ڏيگو ذبح ٿي ويو"، ۽ آن کان ھڪدم پوءِ، جنھن لاباري آخرين آن لٽيو ھوندو آھي، سو سڄي پڄي ڏيگي کي ذبح ڪندو آھي. ڏيگي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوشت، گاهه گاهه وارا ۽ لاياريا منجهند جي سانيءَ وقت ڪائيندا آهن.

اسان ڏٺو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن هيءَ يقين ڪيو ويندو آهي ته آنَ جو نديڙو روح، جنهن جو ڪم ايندڙ سال جي آنَ کي تيزيءَ سان آڻڻ جي قوت بخشڻ هوندو آهي، سو لاباري واريءَ ٻنيءَ تي "آنَ-پار" جي صورت ۾ جنم وٺندو آهي. ساڳيءَ ريت، بيريءَ ۾ اهو ويساهه آهي ته "آنَ جو نديڙو روح" ڪڏهن ڪڏهن ٻنيءَ تي گابي جي صورت ۾ جنمندو آهي، جو ته جڏهن به ڪنهن ستين ٻڌڻ واري ڪڙميءَ وٽ سڄي آنَ کي ستين جي صورت ۾ ٻڌڻ لاءِ رسي ڪافي ڪانه هوندي آهي، تڏهن هو باقي بچيل ڪڪ کي ٻاسي رکي، ڪٽونءَ وانگر "بان بان" ڪرڻ شروع ڪندو آهي، جنهن جي معنيٰ اها هوندي آهي ته "ستيءَ کي گابو ڇايو آهي." ٻاءِ ڊي ڊوم ۾، جڏهن ستيون ٻڌندڙ ڪو مرد يا ڪا عورت انهيءَ لاياري سان ڪم ۾ نه پڄي سگهندي آهي، جنهن جي ٻڌيان هوءَ ليل آنَ جون ستيون ٻڌندي ويندي آهي، تڏهن هيئن چيو ويندو آهي ته "هوءَ گابو ڇڻي رهي آهي." پرشيا جي ڪن حصن ۾، ساڳين حالتن ۾ انهيءَ عورت کي بلند آواز سان سڏ ڪري چيو ويندو آهي ته "ڏاند ٿو اچيئي" ۽ اهي ماڻهو اهو چتاءُ ڏيندي، ڏاند جي "بان بان" جو نقل ڪندا آهن. انهن حالتن ۾، عورت کي "آنَ-ڪٽون" يا پراڻو "آنَ جو روح" تصور ڪيو ويندو آهي ۽ اهو مفروضو گابو "آنَ-گابو" يا آنَ جو نديڙو روح آهي. آسٽريا جي ڪن علائقن ۾ ورهي هيءَ اعتقاد آهي ته بهار جي مند ۾ نئين چاول آنَ جي سلن ۾ هڪ ڏند ڪٿائي گابو (مهڪالبچين) ڏٺو ويندو آهي، جو هارن کي ڏڪا ڏيئي ڪيرائيندو آهي، جڏهن هوا جي جهوٽن ۾ آنَ لڏندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ماڻهو چوندا آهن ته "گاهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيو آهي". مٿنهاربٽ جي قول وانگر، هيءَ گالهه صاف ظاهر آهي ته پهار جي مند وارو هيءَ گاهو آهو ساڳيوئي جانور آهي، جيڪو بعد ۾ لاباري لڙ وقت، ذبح ڪيو ويندو آهي.

۸- ان جو روح گهوڙي يا گهوڙيءَ جي صورت ۾:

ڪڏهن ڪڏهن آن جو روح گهوڙي يا گهوڙيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڪالو ۽ استنگارٽ جي علائقن-۾، جڏهن هوا جي زور کان آن جهڪندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو چوندا آهن ته، "اهو گهوڙو پيو ڊوڙي." بيبن ۾ زوديلفزيل جي قريب، بوهلنگين وٽ، لٽيل جنوَن جي آخرين ستين ۾ "جنوَ- گهوڙو" سڏيو ويندو آهي. هرڪفورڊ شاير ۾ لاباري جي اختتام وقت، هڪ رسم ادا ڪئي ويندي آهي يا ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن کي "گهوڙيءَ واسطي روئڻ" چيو ويندو هو. آن جا پويان ڪجهه ڪانا ٻنيءَ ۾ بيئل چڏيا ويندا آهن ۽ آنهن کي هڪ ٻئي سان گڏ ٻڌي "گهوڙي" سڏيو ويندو آهي. لاياڻا ڪانڌ ڪجهه مفاصلي تي بيهندا آهن ۽ ڏانهس پنهنجا ڏانڊا اڇلائيندا آهن. جيڪو لاياڻو آن کي آرپار وڌي وڃهندو آهي، تنهن کي "نعرن ۽ خوشيءَ ماڻڻ جي دعائن جو انعام ملندو آهي." آن جي وڌيڻ کان پوءِ، لاياڻا بلند آواز سان ٽي دفعا چوندا آهن، "اها سون وٽ آهي." ٻيا وري سندس جواب ۾ ٽي دفعا هيئن چوندا آهن، "تو وٽ ڇا آهي؟" "هڪ گهوڙي! هڪ گهوڙي! هڪ گهوڙي!" "اها ڪنهن جي آهي؟" پوءِ وري ٽي مرتبہ دريافت ڪيو ويندو آهي "فلاڻي فلاڻي جي." (مالڪ جو نالو ٽي دفعا ڪڍندي چيو ويندو آهي). "ڪيڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوڪليندين آن کي؟" "فلاڻي فلاڻي ڏانهن،" ڪنهن اهڙي پاڙيسريءَ جو نالو ڪڍندي چيو ويندو آهي، جنهن اڃا پنهنجو سڄو لاباروِ ختم ڪونہ ڪيو هوندو آهي. هن رسم ۾ آن جي روح کي گهوڙيءَ جي صورت ۾ اهڙيءَ ٻنيءَ ڪان، جنهن جو سڄو آنَ لڀجي ويو هوندو آهي، ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ ٻنيءَ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، جتي آنَ اڃا تائين ٻيئو هوندو آهي ۽ جتي، بلڪل فطرتي طور سمجهي سگهجي ٿو، آن جي روح پناهه ورتي هوندي. شروشايد ۾ ٻ ساڳي ئي قسم جو رواج آهي. جيڪو زميندار پنهنجوَ لاباروِ سيني ڪان پوءِ ختم ڪندو آهي ۽ جو اِن ڪري، ٻڌي ڪنهنَ ڏانهن "گهوڙي" نہ سوڪلي سگهندو آهي، تنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ "آن کي هو سڄي شياري تائين رکندو." سست رفتار پاڙيسريءَ کي "گهوڙيءَ" ڏيڻ جي ٽئولي‌ءَ واريءَ آڇ جو جواب ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ گهوڙيءَ جي امداد کي سخريءَ طور قبول ڪرڻ ذريعي ڏنو ويندو هو. چنانچہ، هڪ پير سرد ڪنهن دريافت ڪندڙ کي ٻڌايو تہ، "جڏهن اسين دعوت ۾ شريڪ ٿي رهيا هئاسون، تڏهن هڪ ماڻهو رسي کڻي، ڪيس اسان وٽان وڃي لاءِ آيو." هڪ هنڌ سڄي ڇڇي گهوڙي سوڪلي ويندي هئي پر جيڪو ماڻهو مٿس سواري ڪندو هو، تنهن کي انهيءَ زميندار گهر وٽ مار ڪڍي ويندي هئي، جنهن ڏانهن هو اهڙيءَ طرح بغير دعوت ويندو هو.

للي‌ءَ جي آس پاس آن جي روح جو گهوڙي جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ جو نظريو، صاف طور، اڃا تائين محفوظ رکيڻ ويو آهي. جڏهن کو لاباروِ پنهنجي ڪر ۾ ٽڪاوٽ محسوس ڪندو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي تہ "هن کي 'گهوڙي'، جو ٽڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي." پهرينءَ ستيءَ کي، جنهن کي "گهوڙي جو صليب" سڏيو ويندو آهي، ديري اندر ڪائيءَ جي صليب سڃان رکيو ويندو آهي ۽ هنيءَ تي بيئل گهوڙن سان سيني کان زيادہ نديءَ چمار وارو گهوڙو اُن کي لتاڙيندو آهي. لاباري وارا آنَ جي آخرين بيئل ڪانن جي چوڌاري نچندا ۽ وڏي آواز سان هيئن چوندا آهن، "'گهوڙي، جو لاش ڏسوا" انهن آخرين ڪانن سان ٽهيل ستي، سڄي ڪليسائي ضلعي جي نديءِ کان نديءِ گهوڙي کي ڪائڻ لاءِ ڏني ويندي آهي. ضلعي جو اهو نديءِ کان نديو گهوڙو، مٿنهاريءَ جي قول مطابق، بلڪل صاف طرح ايندڙ سال جي آنَ جي روح، "آنَ-وچڑي" جي نمائندگي ڪري ٿو، جو آخرين وڍيل آنُ ڪائي، پوڙهي "آنَ-گهوڙي" جو روح پاڻ ۾ جذب ڪري ٿو، چونڊ دستور مطابق، آنَ جو پوڙهو روح آخرين طرح پوئينءَ ستيءَ ۾ پناه وٺندو آهي. آنَ جي آخرين ستيءَ جي ڳاهيندڙ لاءِ چيو ويندو آهي ته هو "'گهوڙي، کي ماري رهيو آهي."

۹- انَ جو روح سوئر جي صورت ۾ (نر يا مادي) : آنَ جي روح جي سيني کان پوئين حيواني شخصيت، جا اسين اڳتي ڏسنداسون، سوئر (نر يا مادي) جي آهي. ٽورنجين ۾ جڏهن آنَ جي نڍڻ سڻ کي هوا متحرڪ ڪندي آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن ته، "سوئر آنَ سان ڀوڙندو ٿو وڃي". اوسپل بيٽ ۾ آباد ايسٽونيا جي رهاڪن ۾، آخرين ستيءَ کي "رائي-سوئر" چيو ويندو آهي ۽ اها جنهن ماڻهوءَ وٽ هوندي آهي، تنهن کي هن لفظن سان مخاطب ڪيو ويندو آهي ته "رائي-سوئر تنهنجيءَ پٺيءَ تي سوار آهي". جواب ۾ اهو ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ ڳائڻ شروع ڪندو آهي، جنهن ۾ هو سڪر سڏائيءَ لاءِ دعا ڪندو آهي. آسبرگ جي قريب، ڪوهلرونڪل وٽ، بيٺل آنَ جي آخرين سڄي ڪي سيئي لايارا واري وڻيءَ سان هڪ هڪ ڪانو ڪري وڍيندا آهن. جيڪو به سڀني ڪان پويون ڪانو وڍيندو آهي، تنهن کي "سوئر سلندي آهي ۽ سڀ ٽولين کيون ويندين آهن". سوايا جي ٻين ڳوٺن ۾ به جيڪو ماڻهو پويون آنَ وڍيندو آهي، تنهن وٽ "سوئر هوندي آهي"، يا وڌ "رائي-سوئر" هوندي آهي. ٻيڙن ۾، رئڊولفزيل جي قريب ٻوهلنگين وٽ، پوئينءَ سڏيءَ کي فصل جي جنس مطابق "رائي-سوئر"، يا "ڪڪ-سوئر" سڏيو ويندو آهي. ٻيڙن ۾، روهرينباڪ وٽ، جيڪو ماڻهو آخرين سڏيءَ لاءِ پويون پاڪر ڀري ڪٽي ايندو آهي، تنهن کي "آنَ-سوئر" يا "اوٽس-سوئر" سڏيو ويندو آهي. سوايا ۾، فرائيڊنگين وٽ، جيڪو ڳاهه ڪندڙ آخرين ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي فصل جي جنس مطابق "سوئر"، "جَوَن-سوئر" "آنَ-سوئر" وغيره سڏيو ويندو آهي. اونسٽيٽنگن وٽ، جيڪو ماڻهو ڳاهه وقت آخرين ڏڪ هٽندو آهي، تنهن وٽ "سوئر هوندي آهي"، گهٽو ڪري ڪيس آنَ جي سڏيءَ ۾ پڏي، رسيءَ سان زمين تان گهليو ويندو آهي. سوايا ۾ عام طرح، جيڪو ماڻهو ڳاهه وقت پنهنجي ڏنڊي سان سڀني ڪان پويون ڏڪ هٽندو آهي، تنهن کي "سوئر" سڏيو ويندو آهي. بهرحال، هو پاڻ کي انهيءَ اعزاز کان بچائڻ لاءِ پلال مان ٽهيل اهو رسو، جيڪو سندس "سوئر" هڻڻ جي حيثيت جو نشان هوندو آهي، ڪنهن همسائي کي منتقل ڪري انهيءَ حيثيت کان نجات حاصل ڪري سگهي ٿو. چنانچ، هو ڪنهن همسائي جي گهر ويندو آهي ۽ پلال جو رسو ان ۾ اڇلائي وڏي واڪي سان هيءَ چوندو

آهي، "وٺ، مون تو ڏانهن 'سوئر' آندي آهي." پوءِ تہ گهر جا سيڻي پاتي سندس پٽيان پوندا آهن، ۽ جيڪڏهن کيس پکڙي وڃهندا آهن تہ کيس خوب مار ڏيندا آهن، ڪيترن ڪلاڪن تائين کيس سوئرن جي واڙ ۾ بند ڪندا آهن ۽ پوءِ کيس "سوئر" کي وري واپس ڪٽي وڃڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. اپر بڌوريا جي مختلف علائقن ۾، جيڪو ماڻهو گهاهو وقت سيني کان پويون ڏسي هٿندو آهي، تنهن کي ضرور "سوئر ڪٽي وڃڻو پوندو آهي"— يعني پلال مان ٺهيل سوئر جو هڪ بوتو يا فقط پلال مان ٺهيل رسين جو هڪ بنڊل. آن کي هو پر واريءَ ڪنهن اهڙيءَ ٻيءَ ڏانهن ڪٽي ويندو آهي، جتي گهاهو اڃا ختم ڪرڻ ٿيو هوندو آهي ۽ کيس ديري ۾ اچلائيندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ ٻيءَ جا گهاهي کيس جهلي وڃهندا آهن تہ ساٿي تعديون ڪندا آهن، جهڙوڪ مار ڏيندا اٿس، منهن ڪارو ڪندا اٿس يا آن کي منڊي ۽ ٻيءَ گندگي ملينداآهن، کيس ڪچري ۾ اچلائيندا آهن، اها "سوئر" سندس پٺيءَ تي پڏندا آهن وغيره وغيره، "سوئر" آڻڻ واري جيڪڏهن عورت هوندي آهي، تہ سندس وار ويڙي چڏيندا آهن. لاباري جي دعوت وقت انهيءَ ماڻهوءَ کي، جنهن "سوئر ڪنيو هوندو آهي" تنهن کي چربيءَ ۽ گوڏل اٽي مان ٺهيل هڪ يا وڌيڪ چاٽا سوئرن جي شڪل ۾ ٺهيل ڏنا ويندا آهن. جڏهن نوڪرياڻي اهي چاٽا سيني کي ڏئي ويندي آهي، تڏهن ميز تي ويٺل سيڻي مهمان گڏجي بلند آواز سان "سوز، سوز، سوز" چوندا آهن، جا سوئرن کي پاڻ ڏانهن سڏڻ جي مخصوص صدا هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن دعوت پوري ٿيڻ کان پوءِ، آنهيءَ ماڻهوءَ ڏي، "جنهن سوئر ڪنيو هو" منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارو ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس گاڏيءَ ۾ ويهاري، سڄي ڳوٺ ۾ ڦيرايو ويندو آهي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جو هجوم سندس پٺيان "سوز، سوز، سوز" جا آواز ڪندو ايندو آهي، جن ۾ اهي سوئر کي سڏي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري، ڪيس گاڏيءَ تي چڪر ڏيارڻ بعد، ڇيٽي جي ڏينر تي اڇلائيندا آهن.

وري آن جو روح سوئر جي شڪل ۾ ڇڻ ۽ لاباري وقت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪورلئنڊ ۾، نيو آلز وٽ، جڏهن جَوَن جو ڇڻ سال ۾ پهريون دفعو پوکيو ويندو آهي، تڏهن زميندار جي زال سوئر جي پٽيءَ کي سندس ڇڻ سان گڏ پاڻيءَ ۾ ٻوڪائي، ڇڻ ڇڻڻ واري ڏانهن ٻيءَ تي ڪٽي ايندي آهي. هو آن کي ڪائيندو آهي، پر منجهانئس ڇڻ وڌي ٻيءَ ۾ هٽي چڏيندو آهي. ماڻهن جو اعتقاد آهي ته اهڙيءَ طرح آن جا سنگ ايترا ڦگها نڪرندا، جيترو سوئر جو ڇڻ ڦگهو آهي. هتي، سوئر آن جو روح آهي، جنهن جي آباد ڪرڻ جي قوت کي ڪڏهن ڪڏهن سندس ڇڻ اندر خاص طرح موجود سمجهيو ويندو آهي. سوئر جي حيثيت ۾ ڪيس ڇڻ پوکڻ وقت زمين ۾ وڏو وڃي ٿو ۽ سوئر جي شڪل ۾ اهو لاباري وقت پڪل آن سان گڏ وري ظاهر ٿئي ٿو. جو ته پاڙيسري ايسٽونين قومن ۾ آخرين ستيءَ کي، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، "رائي-سوئر" سڏيو ويندو آهي. جرمنيءَ ۾ ذري گهٽ ساڳئي قسم جون رسمون موجود آهن. ميننگين جي قريب سالزا ضلعي ۾، سوئر جي جسم جي ڪنهن خاص هڏي کي "ڇڇ تي ويٽل يهودي" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهيءَ هڏي جي گوشت کي * "شروو-اگاري" ڏينهن ٻوڪايو ويندو آهي، پر هڏي کي

* ائش-اربع کان هڪ ڏينهن اڳ جيڪو اگارو ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ رک اندر رکيو ويندو آهي، جا پاڙيسري سينٽ پيٽر جي تقريب (۽ويهين فبروري) ڪي تخفي طور هڪ ٻئي کي ڏينڌا آهن ۽ جنهن کي اهي بعد ۾ پڄ جي آن سان ملائيندا آهن. هيسي، ميننگين جي سڄي علائقي ۾ ٻين ضلعن جا ماڻهو(۱) "ائش اربع" ڏينهن ۽ "ڪنڊيل ماس" (۲) جي تقريب ڪي مڙن جو شوربو ۽ سوئر جي گوشت جون خشڪ ٽيل چاپون کائيندا آهن. تاڪين جي هڏن کي اهي پوءِ جمع ڪري، پڄ پوکڻ جي وقت تائين ڪمري ۾ لٽڪائي رکندا آهن ۽ انهن کي پوکيل زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيندا آهن يا فلڪس ٻوٽي جي پڄن واريءَ ٽيلهيءَ ۾ رکندا آهن. انهيءَ کي زمين جي سيني جيتن وغيره جي خلاف اڻ تر ۽ مخصوص علاج سمجهيو ويندو آهي ۽ ان جي اثر کان فلڪس جو ٻوٽو سڏو ۽ ڏگهو نڪرندو آهي.

آن جي روح جي سوئر جي صورت ۾ نمائندگي جي نظريي جو شايد ٻئي ڪنهن به هنڌ ايتريءَ صفائيءَ سان اظهار ٽيل ڪونهي، جهڙو اسڪنڊينيويا واڻ ملڪن جي (۳) "يول پور"

(۱) ايسٽر کان چاليهه ڏينهن اڳ جيڪو اربع جو ڏينهن هوندو آهي، تنهن کان وٺي ايسٽر تائين رومن ڪئٿولڪ ڪليسا جا پوئلڳ پرهيزگاري، عبادت ۽ رياضت ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن رومن ڪئٿولڪ ڪليسا ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جي متي ۾ رک وجهندا آهن.

(۲) رحمت واريءَ ڪنواريءَ کي پاڪ ڪرڻ جي تقريب، جا ۽ فبروريءَ تي ٿيندي آهي.

(۳) ناتال ۽ ناتال سان وابستہ رسمون، نارس قومن جي ٻت پرستانہ تقريب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم ۾ سئيڊن ۽ ڊينمارڪ ۾ "يول" (ناتال) وقت ،نر سوئر جي شڪل و صورت جهڙو هڪ وڏو نان پچايو ويندو آهي. انهيءَ کي "يول-بور" (ناتال-سوئر) سڏيو ويندو آهي. انهيءَ نان کي ناهن ۾ گهٽو ڪري آخرين ستيءَ جو آنُ استعمال ڪيو ويندو آهي. "يول" جي سڄي دوران ۾ "يول-سوئر" سيز تي ينئو هوندو آهي. ڪيس گهٽو ڪري موسم بهار ۾ بچ چڻڻ واري وقت تائين محفوظ رکيو ويندو آهي، جڏهن آنِ مان ڪجهه حصو بچ جي آنَ سان ملايو ويندو آهي ۽ باقي حصو هاريءَ هر ۾ بدل گهوڙن پاڻ ڏڻ کي هيءَ اميد رکي ڪائڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي ته اهڙيءَ طرح فصل پلو ۽ پرپور ٿيندو. انهيءَ رسم مرجب آنَ جو روح، جو آخرين ستيءَ اندر سمايل ٿئي ٿو، وچ سياري ۾ نر سوئر جي شڪل ۾ اچي ظاهر ٿئي ٿو، جو آخرين ستيءَ جي آنَ مان ٺهيل هوندو آهي ۽ آنَ کي تيزيءَ سان چمائڻ جو جيڪو اثر منجهس موجود سمجهيو وڃي ٿو سو، "يول-سوئر" جي ڪجهه حصي کي بچ جي داڻن سان ملائڻ، ۽ سندس باقي حصن کي هاريءَ ۽ سندس ڏورن کي ڪائڻ لاءِ ڏيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو. ساڳيءَ ريت اسان ڏٺو آهي ته "آنَ-سوئر" وچ سياري ۾ اچي ظاهر ٿئي ٿو، جڏهن سال بهار جي موسم طرف لاڙو ڪائڻ شروع ڪري ٿو. اڳئين زمانيِ ۾ ناتال جي موقعي تي سچو پچو نر سوئر قربان ڪيو ويندو هو ۽ معلوم ٿئي ٿو ته ساٿس گڏ هڪ ماٿهوءَ کي به "يول-سوئر" جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويندو هو. اهو قياس، گهٽ ۾ گهٽ ناتال جي هڪ رسم مان ڪري سگهجي ٿو، جا اڄا تائين سئيڊن ۾ مروج آهي، هڪ ماٿهوءَ کي ڪل ۾ وڙهيو ويندو آهي ۽ هو پٺهنجي وات ۾ پلال جا ڪک اهڙيءَ طرح ڪٽي هلندو آهي، جو آهي سوئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سخت وارن وانگر نظر ايندا آهن. سندس ساٿي هڪ چاقو ڪڍي ايندا آهن، جنهن سان هڪ پوڙهيءَ عورت، جنهن جو منهن ڪارو ڪيل هوندو آهي، انهيءَ "سوئر" کي ذبح ڪرڻ جو سانگ ڪندي آهي.

ايستونيا جي اوسيل نالي هڪ ٻيٽ ۽ ناتال جي شام جو، هڪ ڏاڍو ڪيڪ پڃايو ويندو آهي، جنهن جون ٻئي پڇڙيون مٽي ڪيل هونديون آهن. انهيءَ ڪيڪ کي "ناتال جو سوئر" ڪوٺيو ويندو آهي ۽ اهو "نئين سال جي ڏينهن" تائين ميز تي ٻيٺو هوندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس چوپائي ٻال ۽ تقسيم ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ٻيٽ جي ڪن ٻين حصن ۽ "ناتال جو سوئر" ڪيڪ سان ڪوٺ ناهيو ويندو آهي، پر اهو هڪ ننڍو ٻيٽ هوندو آهي، جو گذريل مارچ مهيني ۽ چايو هوندو آهي ۽ جنهن کي گهر ڏياڻي ڇڇهه ڳوهه ۽ ڪارائي ٽلهو متارو ڪندي آهي، جنهن جي گهر جي ٻين پاتين کي گهٽو ڪري ڪا به خبر ڪانه هوندي آهي. "ناتال جي شام" جو انهيءَ ٻيٽ کي پوشيده طور ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ کيس تنور ۽ پچائي، چٽي ڪنگن تي ميز مٿان بيهاريو ويندو آهي، جڏهن اهو انهيءَ حالت ۽ گهٽن ڏينهن تائين رهندو آهي. ساڳئي ٻيٽ جي وري ڪن ٻين حصن ۽، جيتوڻيڪ "ناتال جي ڪيڪ" کي نه سوئر جو تالو ڏنل هوندو آهي ۽ نه آن جي شڪل، آن جي باوجود، انهيءَ ڪيڪ کي "نئين سال" تائين رکيو ويندو آهي، جڏهن آن جو اڌ گهر جي سيني پاتين ۽ سندن چوپائي ٻال ۽ تقسيم ڪيو ويندو آهي. باقي ٻيو اڌ ڇڻ جي موسم اچڻ تائين رکيو ويندو آهي، جڏهن اهو وري به ساڳيءَ طرح صبح جو ماڻهن ۾ ڏورن ۽ تقسيم ڪيو ويندو آهي. ايستونيا جي ٻين علائقن ۽ وري، "ناتال جو سوئر"،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن اهي ڪيس سڏيندا آهن، انهيءَ رائيءَ سان پڇاڙيو ويندو آهي، جا لاباري وقت سڀ کان اڳ وڌي ويندي آهي، ان جي شڪل مخروطي هوندي آهي ۽ مٿس سوئر جي هڏي يا ڪنجيءَ سان زور ڏيئي صليب جو نشان ڪيو ويندو آهي يا وري ڪنهن بڪر يا ڪوٽلي جي ٽڪر سان ان ۾ ٽي ننڍيون ڪڏون ڪيون ويندڙون آهن. تقريبي موسم جي سڄي دوران ۾ اهو ميز ٽي ٻيٽو هوندو آهي ۽ سندس پرسان روشني رکيل هوندي آهي. "نئين سال" ۽ *"ايپيفني" جي تقريبن تي، سڄ اپرڻ کان اڳ ڪيڪ جو ٽورو حصو لوڻ سان گڏ پوري چوپائي مال کي ڏنو ويندو آهي. باقي حصو ان ڏينهن تائين محفوظ رکيو ويندو آهي، جڏهن موسم بهار ۾ چوپائي مال کي پهريون دفعو چراگاه ڏانهن نيون ويندو آهي. اهو اڌ ان وقت ڏنار جي ٽيلهيءَ ۾ وڌو ويندو آهن، جو ڏورن کي جادوءَ ۽ ٻئي نقصان کان بچائڻ ۽ سندن حفاظت ڪرڻ لاءِ، ساڳئي ڏينهن شام جو ڪين ورهائي ڏيندو آهي. ڪن هنڌن تي، "ناتال جي سوئر" کي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ نوڪر ۽ ڏور جيون جي ڀيجي ڪرڻ وقت پرپور ۽ ڀلي فصل حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي کائيندا آهن.

۱۰- ان جي روح جي حيواني نمائندن متعلق:

اهو ٽيو آن جي روح جي حيواني نمائندن متعلق، جيتري قدر ۽ جهڙيءَ طرح اتر يورپ جي لوڪ - رسمن ۾ انهن کي اسان جي روبرو پيش ڪيو ويو آهي. اهي رسمون لاباري جي دعوت جي

* غير- يهودي قوم وارن اڳيان، جن جي نمائندگي ٽي عقلمند ڪري رهيا هئا، حضرت مسيح جو ظهور، عيسائي مذهب وارا اها تقريب هر سال ٦ جنوري تي ملهائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس نوعيت کي عيان ڪن ٿيون. آن جي روح کي ڪنهن جانور اندر سمايل تصور ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ مقدس جانور کي ذبح ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس گوشت ۽ رت کي لاياراڳڌجي ڪائين ٿا. چنانچ ڪڪڙ، سهڙ، ٻليءَ، ٻکريءَ ۽ ڏاند کي لاباري لٽ وارا احترام سان مقدس شين جي حيثيت ۾ ڪائين ٿا ۽ سوئر کي وري هر هلائٽ وارا بهار جي موسم ۾ مقدس سمجهي ساڳئي احترام سان ڪائين ٿا. وري انهيءَ مقدس جانور جي گوشت جي بدلي طور، مانيءَ يا انيءَ ۽ چربيءَ مان گولا ٺاهي، کين انهيءَ جانور جي صورت ڏني وڃي ٿي ۽ انهن کي احترام سان کاڌو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح، لاباري لٽ وارا سوئر جي شڪل وارا گولا ڪائيندا آهن ۽ موسم بهار ۾ مالدار ماڻهو ۽ سندن چوپايو مال نر سوئر جي شڪل وارا نان (يول - سوئر) کائيندا آهن.

آن جي روح جي انساني ۽ حيواني نمائندن جي ۾ مختلف نظرين جي درميان، جيڪو مڪمل توازن موجود آهي، تنهن کي پڙهندڙ شايد محسوس ڪيو هوندو. انهيءَ توازن جو اسين هتي مختصر طور وري بيان ڪريون ٿا. جڏهن آن هوا ۾ لڏندو آهي، تڏهن ڇيو ويندو آهي ته "آن - ماءُ" يا "آن - ٻگهڙ" وغيره آن مان لنگهي رهيو آهي. ٻارن کي ٻنين ۾ رلڻ کان تنبيهه ڪئي ويندي آهي، چاڪاڻ ته "آن - ماءُ" يا "آن - ٻگهڙ" سمجهس ويندو هوندو آهي. آخرين وڊيل ان يا آخرين ڳاهيل ستيءَ ۾، "آن - ماءُ" يا "آن - ٻگهڙ" وغيره کي موجود سمجهيو ويندو آهي. خود آخرين ستيءَ کي "آن - ماءُ" يا "آن - ٻگهڙ" وغيره سڏيو ويندو آهي ۽ ڪيس "عورت" يا "ٻگهڙ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره جي صورت ۾ ٿاهيو ويندو آهي. جيڪو ماڻهو آخرين ستي ويندو، پڏندو يا ڳاهيندو آهي، تنهن کي انهيءَ نالي موجب جيڪو خود آخرين ستيءَ کي ڏنو ويندو آهي، "پوڙهي عورت" يا "بگهڙ" وغيره جو نالو ڏنو ويندو آهي. جيئن ڪن هنڌن تي هڪ ستيءَ کي انساني صورت ڏيئي ۽ ڪيس "ڪنواريءَ"، "ڪائيءَ - ماءُ" وغيره جو نالو ڏيئي، آن جي روح جي رحمتن جي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ هڪ لاباري کان ٻئي تائين رکيو ويندو آهي، تيئن ڪن ٻين هنڌن تي، "لاباري - ڪڪڙ" ۽ اڃا ڪن ٻين هنڌن تي، ٻڪريءَ جو گوشت هڪ لاباري کان ٻئي تائين ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رکيو ويندو آهي. جيئن ڪن هنڌن تي فصل کي پلي ڪرڻ خاطر "آن - ماءُ" مان نڪتل آن کي ايندڙ بهار ۾ ٻج واري آن سان ملايو ويندو آهي، تيئن ڪن هنڌن تي ڪڪڙ جا ڪنپ ۽ سٽيڻ ۾ "يول - سوئر" بهار تائين محفوظ رکيا ويندا آهن ۽ ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻج واري آن ۾ ملايا ويندا آهن. جهڙيءَ طرح "آن - ماءُ" يا "ڪنواريءَ" جو ڪجهه حصو ناتال وقت ڇوپائي سال يا ڀرئن هر هلائڻ وقت گهوڙن کي کارايو ويندو آهي، تيئن "يول - سوئر" جو ڪجهه حصو موسم بهار ۾ هر هلائيندڙ گهوڙن يا ڍڳن کي ڏنو ويندو آهي. آخر ۾، آنَ جي روح جو سوت سندس انساني يا حيواني نمائنده کي قتل ڪرڻ سان ڏيکاريو ويندو آهي، ۽ سندس پوڄاري روح جي نمائندي، جو سچو ٻچو جسم ۽ رت احتراماً کائيندا آهن، يا ساڻس مشابهت رکندڙ ڪيڪ يا ماني کائيندا آهن.

آنَ جو روح، جيڪي ٻيون حيواني صورتون اختيار ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سي لوسڙ، ڦاڙهو، جابلو ڪٻوڻ، رڍ، رڇ، گڏهه، ڪتو، خارذار سهو، ڪنگ پکي، هنس ۽ سرڻ آهن. جيڪڏهن هيءَ سوال پڇيو وڃي ته آنَ جي روح کي حيواني صورت ۽ ظاهر ٿيندڙ ڇو ٿو سمجهيو وڃي ۽ سو به ايترن سارن مختلف جانورن جي صورتن ۾، ته ان جو جواب هيءَ پيش ڪري سگهجي ٿو ته قديم زماني جي هڪ وحشي انسان جي دماغ ۾ ڪنهن جانور يا پکيءَ جي ٻنيءَ ۾ فقط داخل ٿي، ظاهر ٿيڻ جي سڌي سادي حقيقت آنهيءَ جانور ۽ آنَ جي درميان ڪنهن پراسرار تعلق جو خيال هڪدم پيدا ڪندي هوندي، ۽ جڏهن اسين هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪنداسون ته قديم زماني ۾ ٻنين جي حد بندي ٿيڻ کان اڳ، سيني قسمن جي جانورن کي منجهن رلط جي آزادي هئي، تڏهن اسان کي هن باري ۾ ڪنهن به عجب کائڻ جي ضرورت نه ٿيندي ته آنَ جي روح کي گهوڙي ۽ ڪٻوءَ جهڙن وڏن جانورن سان به شناخت ڪيو ويندو هو، جي هن زماني ۾ ڪنهن غير معمولي حادثي کان علاوه، ڪنهن به انگريز جي ٻنيءَ ۾ رلندا نه ٿا ملي سگهن. اها سمجهاڻي انهيءَ تمام زواجي حالت سان خاص زور سان لاڳو ٿئي ٿي، جنهن ۾ آنَ جي روح جي حيواني نمائندي کي آخرين بيئل آنَ ۾ لکندو چيندو سمجهيو وڃي ٿو. ڇو ته لاباري وقت گهٽائي جهنگلي جانور جهڙوڪ سها، سهڙ ۽ تتر عام طرح سان لاباري جي واڌاري سان گڏوگڏ بيئل آنَ جي آخرين ٽڪر ڏانهن ڏکيا ويندا آهن ۽ اتان فقط اهڙي وقت پڇي نکرندا آهن، جڏهن اهو آخرين آنَ وڌيو ويندو آهي. اها ڳالهه اهڙي ته باقاعدگيءَ سان عمل ۾ ايندي آهي، جو لاباري لٽ وارا ۽ پيا آخرين بيئل آنَ واريءَ جاءِ جي چوڌاري حلقو ناهي لئين يا بندوقن سان مسلح ٿي بيهندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن سان اهي انهن جانورن کي انهيءَ وقت ماريندا آهن، جڏهن اهي کائن ۾ پنهنجي آخرين پناهگاه مان ٻاهر ڏيئي نڪرندا آهن. هاڻي، قديم دور جي هڪ وحشي انسان کي، جنهن کي جادوءَ رستي شڪل و صورت جون تبديليون ڪرڻ بلڪل اعتبار جوگي حقيقت معلوم ٿئي ٿي، هيءَ ڳالهه قدرتي طور هڪ تسليم ٿيل حقيقت معلوم ٿئي ٿي ته آنَ جو روح، جنهن کي بيئل آنَ ۾ سندس گهر مان تڙي ڪڍيو وڃي ٿو، انهيءَ جانور جي صورت ۾ فرار ٿئي ٿو، جنهن کي بيئل آنَ جي آخرين ٽڪر مان عين انهيءَ سهل ڊوڙندي ڏٺو وڃي ٿو، جڏهن اهو لاباري واري جي ڏانڊي جي هڪ ڏڪ سان ويڃي عيب ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح آنَ جي روح جي جانور سان شناخت، سندس ڪنهن اجنبي راهگير سان شناخت سان مشابهت رکندڙ آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن اجنبي راهگير جو لاباري واريءَ پٽيءَ يا ڳاهه جي ميدان جي پرسان اوچتو پرگهٽ ٿيڻ، هڪ وحشي انسان جي خيال ۾ ڪيس آنَ جي روح جي حيثيت ۾ شناخت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، جو ڪيس ويڙيل يا ڳاهيل آنَ مان فرار ٿيندو نظر اچي ٿو، ساڳيءَ طرح ويڙيل آنَ مان نڪرندي ڪنهن جانور جو ناگاه ظاهر ٿيڻ، ڪيس آنَ جي روح سان شناخت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، جو انهيءَ وقت پنهنجي تباه ٿيل گهر مان فرار ٿي رهيو هوندو آهي. اهي ٻئي شناختون ايتري قدر ته مشابهت رکندڙ آهن، جو انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ڪين هڪ ٻئي کان مشڪل ئي علحده ڪري سگهبو. انهن ماڻهن کي، جيڪي پوئين شناخت جي سمجهاڻيءَ لاءِ اسان جي هٿي ٻيش ڪيل اصول کان علاوه ٻئي ڪنهن اصول جي تلاش ۾ آهن، تن کي هيءَ حقيقت ثابت ڪرڻي پوندي ته سندن نظريو اول الذڪر شناخت سان ٻڌ لاڳو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اوٽونجاهون

قديم نباتاتي ديوتائون حيواني صورت ۾

۱- ڊيٽونيسس ٻکر ۽ ڏاند جي صورتن ۾ انهيءَ ڳالهه جي اسين ڪٿي ڪهڙيءَ طرح به سمجهائي ڏيون، اها حقيقت پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهي ته ڪرٽين جي لوڪ آڪاٿين ۾ آن جي روح جو عام طور حيواني صورت ۾ تصور ڪيو ويو آهي ۽ ڪيس انهيءَ ئي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ڀلا، اها حقيقت انهيءَ تعلق کي نه سمجهائي سگهندي، جنهن ۾ کي خاص جائور قديم زماني جي نباتاتي ديوتائن، جهڙوڪ ڊيٿونيسس، ڊيميٽر، اڊونس، اتيس ۽ اوسيرس سان منسلڪ هٿا؟

اچو ته پلا ڊيٿونيسس سان ابتدا ڪريون. اسين ڏسي آيا آهيون ته ڪيس ڪڏهن ٻکر ۽ ڪڏهن ڏاند جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو هو. ٻکر جي صورت ۾ ڪيس ٽئنس، سٽائيرس ۽ سائلينيوسس جهڙن ننڍن ديوتائن کان مشڪل ئي علحده ڪري سگهبو، جي سڀئي ساٿس قريبي تعلق رکن ٿا ۽ جن سڀني کي ڪم و بيش مڪمل طرح ٻکرن جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. چنانچه، پٿن کي ضم سازيءَ ۽ تصويرن ۾ باقاعده طور ٻکر جي شڪل ۽ ٽنگن سان ڏيکاريو ويندو هو. سٽائيرس کي ٻکر جي ٽوڪدار ڪنن ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاخ دار سنگن ۽ ننڍن پڇن سان چاپيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪين فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکر کوئيو ويندو هو، ۽ ڊراما ۾ سندن ڪردار اهي ماڻهو ادا ڪندا هئا، جي پکرين جي ڪلن ۾ ملبوس هوندا هئا. سائلينيس کي تصويرن وغيره ۾ پکريءَ جي ڪل ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ازانسواءِ، يوناني ٻڌنءَ ۽ سئٽايرس جي اطالوي بدل، فانس، کي پکريءَ جي پيرن ۽ پکريءَ جي سنگن سان، اڌ پکريءَ ۽ اڌ ماڻهوءَ جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. وري، پکريءَ جي صورت وارا اهي سيئي ننڍا ديوتائون، گهٽ يا وڌ صفائيءَ سان، پيلائي ديوتائن جي صورت وچي اختيار ڪن ٿا. چنانچ، آرڪيڊيا وارا پڻ کي "پيلي جو آقا" سڏيندا هئا. سائلينيوسس وري وڻن جي پرين سان دوستي رکندو هو. فانس کي صاف طرح پيلن جي ديوتائن جا لقب ڏنا ويا آهن، ۽ سندن اها حيثيت، سلوانس ۽ سلوانيوسس سان سندن صحبت يا انهن سان سندن شناخت مان اڃا به زياده صاف طور ظاهر ٿي رهي آهي جي، جيئن سندن نالن مان واضح آهي، خود پيلن جا ديوتائون هئا. سڀ کان آخر، سائٽرس جي سائلينيوسس، فانس ۽ سلوانيوسس سان صحبت ثابت ڪري ٿي ته سائٽرس پڻ پيلائي ديوتا هئا. پيلن جي انهن پکريءَ جي صورتن واري روحن جا شمال يورپ جي لوڪ-ڪٿا ۾ به نعم البدل ملن ٿا. چنانچ، روس جا پيلائي ارواح، جن کي "لجيشي" (لجيس معنيٰ پيلو) چيو وڃي ٿو، جزوي طور انساني صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا، پر ڪين سنگ، ڪن ۽ ڪنڌين پکريءَ جون ٽين ٽيون. "لجيشي" پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق قد ۽ وقاست ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو، جڏهن اهو پيلي ۾ گهمندو آهي، تڏهن ايڏو ڊگهو هوندو آهي، جيڏا وڻ، جڏهن ڪيتن ۾ گهمندو آهي، تڏهن اهو گاهه جي ڊيگهه کان زياده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچو ڪونہ هوندو آهي. ڪي "لجيشي" آن توڙي پيلي، بنهي جا روح آهن، لاباري ڪان اڳ اهي ڪانن جيڏا ڏيکا ٿين ٿا، پر بعد ۾ انهن جو قد سُسي وچي ناڙن جي ڏيکهه جيترو رهي ٿو. انهيءَ سان، جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، ڏڻ جي ارواح ۽ آنَ جي ارواح جي درميان جيڪو قريبي تعلق آهي، سو صاف ظاهر ٿئي ٿو ۽ اهو به واضح ٿئي ٿو ته اهي ٻئي ڪهڙيءَ نہ آسانيءَ سان هڪ ٻئي ۾ ملي هڪ ٿي سگهن ٿا. ساڳيءَ طرح، فانس، حالانڪ ٻيلائي ارواح هئا، ان جي باوجود ماڻهن جو اهو اعتقاد هو ته اهي فصلن جي واڌاري ۾ مدد ڪندا هئا. اسان اڳيئي ڏٺو آهي ته ڪيئن نہ لوڪ-رسم ۾ آنَ جي روح کي گهٽو ڪري ٻکريءَ جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. انهن سڀني حقيقتن جي مدنظر، پٽس، سٽايرس ۽ فانس، جيئن مٿنهاربڊ دليل بازي ڪري ٿو، انهن ٻيلائي روحن جي دور-دور تائين ڦهليل طبقي سان وابسته آهن، جن جو ٻکرين جي صورت ۾ تصور ڪيو ويو آهي. نباتات جي ديوتا جي تخيل ۾، جيڪو خود انهيءَ نباتات تي پلي ٿو، جنهن جو اهو مظهر آهي، جيڪو اختلاف آهي، سو اهڙو آهي، جو هڪ وحشيءَ جي دماغ ۾ آسانيءَ سان نہ ٿو اچي سگهي. اهڙا اختلاف انهيءَ حالت ۾ رونما ٿين ٿا، جڏهن ديوتا جي نباتات اندر موجود گيءَ جو خيال ختم ٿئي ٿو ۽ ڪيس نباتات جو مالڪ يا آقا تصور ڪيو وڃي ٿو، ڇو ته نباتات جي مالڪيءَ جي تصور مان قدرتي طور آن تي پلڻ جو خيال جنم ولي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن آنَ جي روح کي، جنهن کي ابتدا ۾ آنَ اندر موجود سمجهيو وڃي ٿو، بعد ۾ آنَ جو مالڪ تصور ڪيو وڃي ٿو، جو آن تي پلي ٿو ۽ جنهن کي آنَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان بحروم ڪري غريب ۽ مفلس ڪيو وڃي ٿو، چنانچہ، ڪيس گھٹو ڪري "غريب ماڻھو" يا "غريب عورت" سمجھيو ويندو آھي، ڪن موقعن تي پوئين سٹيءَ کي ٻڌيءَ تي "غريب پوڙھيءَ زال" يا "پوڙھيءَ رائي-عورت" لاءِ ٻئل چڏي ڏنو ويندو آھي.

چنانچہ، ٻيلائي روحن جي ٻڪرين جي صورت ۾ نمائندگي دور دور تائين قھليل ۽ قديم دور جي وحشي انسان جي دماغ لاءِ فطرتي، معلوم ٿئي ٿي. ان ڪري، جڏھن اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اڳي ئي معلوم ٿي چڪو آھي ته ڊيونيسس، وٽن جي ديوتا، کي ٻڪريءَ جي صورت ۾ ڏيکاريو وڃي ٿو، تڏھن اسين ھن فيصلي ڪرڻ کان سواءِ رھي نہ ٿا سگھون ته اھا نمائندگي سندس وٽن جي ڏيوتا، ھئڻ جي اصلي نوعيت جو محض ھڪ جز آھي ۽ اھا سمجھاڻي ۾ مختلف ۽ جداگانہ پوچائن جي اشتراک مان نہ ٿي ڏيئي سگھجي، جن منجھان ھڪ ۾ اھو اصل حالت ۾ وٽن جي حيثيت ۾ ظاھر ٿيو ۽ ٻيءَ ۾، ٻڪر جي صورت ۾.

ڊيونيسس کي، اسان جيئن ڏٺو آھي، ڏاند جي صورت ۾ پڻ تصور ڪيو ويو ھو. ھن کان اڳ جيڪي ڪجھ ٿي گذريو آھي، تنھن مان قدرتي طور اسان کي ھيءَ اميد پيدا ٿئي ٿي ته ھن جو ڏاند وارو روپ سندس نباتات واريءَ حيثيت جي اظھار جو ھڪ ٻيو طريقو ھوندو، خاص طرح ھن ڪري، جو اتر يورپ ۾ ڏاند آن جي روح جو ھڪ عام نمائندو آھي، ۽ ايلوسيس جي اسرارن ۾ ڊيونيسس جو ڊيميٽر ۽ پرسيفون سان جيڪو قريبي تعلق آھي، سو ڏيکاري ٿو ته ڪم از ڪم سندس نوعيت زرعي آھي.

ھاڻي، جيڪڏھن ھيءَ گالھ ڏيکاري سگھجي ته ڊيونيسس جي ساڻن سوڻن کان سواءِ ٻين حالتن ۾ ۽، قديم زماني جا ماڻھو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاند کي نباتات جي روح جي نمائندي طور ذبح ڪندا هئا، تہ مٿين نظريي جي صحت جو امڪان اڃا بہ ڪجھ قدر زياده ٿي پوندو. معلوم ٿئي ٿو تہ اهي اٽينس واريءَ قرباني ۾ جيڪا "ڏاند جي قتل" (بوفونيا) جي نالي سان مشهور آهي، اٽين ڪندا هئا. اها قرباني، گهٽو ڪري، جون مهيني جي آخر ڌاري يا جولاءِ جي شروعات ۾ ڪئي ويندي هئي، يعني انهيءَ وقت ڌاري، جڏهن اتيڪا ۾ ڪاهم ڏري گهٽ پورو ٿيڻ وارو هوندو آهي. روايت مطابق انهيءَ قرباني جو رواج خشڪ سالي ۽ قحط جي خاتمي آڻڻ لاءِ وڌو ويو، جنهن انهيءَ ملڪ کي ڪجھ عرصي کان وٺي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو هو. انهيءَ قرباني ۾ سنان جيڪي ساڻ سوڙ وابسته هئا، سي هيٺ ڏجن ٿا. ڪٽڪ سان سليل جَوَ يا منجهائن ٺهيل مانيون، ائڪروپولس ٽڪريءَ تي، زيوس پوليئس ديوتا جي ڪنجهي واري قربانگاه جي چوڌاري ڏاندن کي ڦيرايو ويندو هو ۽ اُنهن مان جيڪو بہ ڏاند قربانگاه ڏانهن وڌي، اُتي رکيل نذرانو کائيندو هو، تنهن کي قربان ڪيو ويندو هو. جنهن کهاڙي ۽ چاقوءَ سان ڏاند کي ذبح ڪيو ويندو آهي، تن کي اڳواڻ انهيءَ پاڻيءَ سان تيز ڪيو ويندو هو، جو ڪنواريون پاڻ کڻي ايندڙون هيون، جن کي "پاڻي ڍوئيندڙ" سڏيو ويندو هو اوزارن کي، پوءِ، تيز ڪيو ويندو هو ۽ اهي ڪاساءِ جي هٿ ۾ ڏنا ويندا هئا، جو ڏاند کي کهاڙي جي ڏڪ سان هيٺ ڪيرائيندو هو، ۽ پوءِ چٽو چاقوءَ سان سندس گردن وڍيندو هو. پهريون ڪاساءِ جيئن ئي ڏاند کي هيٺ ڪيرائيندو هو، تيئن ئي کهاڙو اڇلائي، سيدان سان وڃي پڄندو هو ۽ جيڪو ماڻهو اُنهيءَ ڏاند جي گردن وڍيندو هو، سو بہ شايد ڪاساءِ جو نقل ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾، ڏاند جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کل لاڻي ويندي هئي ۽ جيڪي به ماڻهو آتي موجود هوندا هئا، سي اُن جي گوشت مان حصو ڪٽندا هئا. پوءِ ڏاند جي چمڙي کي گاهه سان پري، سبيو ويندو هو ۽ ڏاند جي بوتي کي سندس ٽنگن تي ٻيهاري، پاچاريءَ ۾ هڏو ويندو هو، جڏ ته اهو هر ڪاهي رهيو هو. اُن کان پوءِ قديم عدالت ۾، جنهن جي صدارت "بادشاه" (جيئن ڪيس سڏيو ويندو هو) ڪندو هو، هن فيصلي ڪرڻ لاءِ مقدمو هلايو ويندو هو ته ڏاند کي ڪنهن قتل ڪيو. جيڪي ڪنواريون ڇوڪريون پاڻي پري آيون هيون، سي انهن ماڻهن تي تهمت رکنديون هيون، جن کاڙو ۽ چاقو تيز ڪيو هو، جن ماڻهن کاڙي ۽ چاقوءَ کي تيز ڪيو هو، سي وري انهن ماڻهن تي الزام ڏرينداهئا، جن اهي اوزار ڪاساين جي سپرد ڪيا هئا، جن ماڻهن اهي اوزار ڪاساين جي حوالي ڪيا هئا، سي وري ڪاساين کي مورد الزام ٺهرائيندا هئا ۽ ڪاسائي، آخرڪار، کاڙي ۽ چاقوءَ تي الزام مڙهيندا هئا، جن کي ڏوهاري ٺهرائي، موت جي سزا ڏني ويندي هئي. پوءِ کاڙي ۽ چاقوءَ کي سندن ۾ اڇلايو ويندو هو.

انهيءَ قرباني جي ٻالي — "ڏاند جو قتل" — ۽ اُنهن ماڻهن جي طرفان، جن‌جو ڏاند جي ذبح ۾ هٿ شامل هوندو هو، پٺ جي مٿان الزام مڙهڻ جي ڪوشش، ڏوهارين تي رسمي مقدمو ۽ کاڙي يا چاقوءَ يا ٻنهي کي سزا ڏيڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته ڏاند کي، نه فقط قرباني جو جانور تصور ڪيو ويندو هو، جو ديوتا کي نذراني طور پيش ڪيو ويندو هو. پر خود ڏاند کي اهڙو مقدس جانور پڻ سمجهيو ويندو هو، جنهن کي ذبح ڪرڻ هڪ عظيم گناهه يا قتل سمجهيو ويندو هو. انهيءَ ڳالهه جي ثابتي "وٺرو" جي هن بيان مان ملي رهي آهي ته اڳئين زماني ۾ اتيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏاند کي ذبح ڪرڻ اهڙو گناهه تصور ڪيو ويندو هو، جنهن جي پاداش ۾ ڏوهاريءَ کي موت جي سزا ملندي هئي. قرباني جي جانور کي منتخب ڪرڻ جي طريقي سان معلوم ٿئي ٿو ته جيڪو ڏاند آنءَ چڪيندو هو، تنهن کي آنَ جو ديوتا تصور ڪيو ويندوهو، جو پنهنجيءَ شيءَ جو قبضو حاصل ڪندوسمجهيو ويندو هو. انهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم جي پڻ ڀرائي هيئينءَ رسم سان ٿي رهي آهي. آرليس ضلعي ۾، ٻيوس وٽ، چوويهين يا پنجويهين اپريل تي، پلال سان ساٿهوءَ جو هڪ بوتو ناهيو ويندو آهي، جنهن کي "وڏو سونبارد" سڏيو ويندو آهي. چو ته اتان جا ساٿهو چوندا آهن ته ٻڙهو "سونبارد" هينئر مري ويو آهي ۽ کين هڪ نئين "سونبارد" بنائڻ جي ضرورت آهي. پلال جي انهيءَ ساٿهوءَ کي ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان جلوس جي صورت ۾ سڄي ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڦيرايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس صوفن جي قديم ترين وڻ سان رکيو ويندو آهي. اهو تيسين اتي رهندو آهي، جيسين صوفن جو فصل گڏ ڪيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ کيس هيٺ لاهي، پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي، يا وري کيس ساڙي، سندس رک پاڻيءَ ۾ اڇلائي ويندي آهي. پر، جيڪو ساٿهو وڻ سان ڀهريون صوف پٽيندو آهي، تنهن کي "وڏو سونبارد" جو خطاب ڏورئي طور ملندو آهي. هتي، پلال جو اهو بوتو، جنهن کي "وڏو سونبارد" سڏيو ويندو آهي ۽ جنهن کي بهار جي موسم ۾ صوفن جي قديم ترين وڻ تي رکيو ويندو آهي، سو وڻ جي روح جي نمائندگي ڪري ٿو جو، سياري ۾ مري وڃي ٿو ۽ جڏهن صوفن جو نئون پور شاخن تي ظاهر ٿئي ٿو، تڏهن وري- زنده ٿئي ٿو. چنانچ، جيڪو ساٿهو وڻ سان ڀهريون صوف پٽي ٿو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح "وڏي مونڌاري" جو خطاب حاصل ڪري ٿو، تنهن کي لازمي طور وڻ جي روح جو نمائندو سمجهڻ گهرجي. قديم نسل واريون قومون ڪنهن به سالياني فصل جي پهرئين ميوي کي تيسين چکڻ لاءِ آماده نه ٿينديون آهن، جيسين آهي آنهن کي ڪن سائن سوڻن يا رسمن جي ادا ڪرڻ سان، عام طور ڪائڻ لاءِ سلامتيءَ ۽ نيڪ نتيجي وارو نه ڪنديون آهن. انهيءَ انديشي جو سبب هن اعتقاد ۾ پوشيده معلوم ٿئي ٿو ته اهي قومون پهرئين ميوي کي يا ديوتا جي شخصي ملڪيت سمجهنديون آهن يا وري منجهس خود ديوتا جو واسو سمجهنديون آهن. تنهن ڪري، جڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور کي پهرين مقدس ميون کي بيباڪائيءَ سان پنهنجي استعمال ۾ آڻيندو ڏٺو ويندو آهيءَ تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ يا جانور کي، لازمي طور، انساني يا حيواني صورت ۾ خود آهو ديوتا سمجهيو ويندو آهي، جو اهڙيءَ طرح پنهنجو حق حاصل ڪري رهيو هوندو آهي. ائينس واريءَ قرباني جو وقت، جو ڪاهم جي ختم ٿيڻ جي قريب هوندو هو، پڏائي ٿو ته اها ڪڪ ۽ آهي جَوَ جيڪي قربان گاهه تي رکيا ويندا هئا، سي لاباري جي وقت جا نذرانہ هوندا هئا، ۽ بعد واري طعام جي مقدس نوعيت- جنهن ۾ سيٽي حاضرين مقدس جانور جي گوشت ڪائڻ ۾ شريڪ ٿيندا هئا- ڪيس جديد يورپ جي لاباري وارين دعوتن جي متوازي بڻائي ٿي جنهن ۾، جڏهن اسين ڏسي آيا آهيون، سيٽي لايارا انهيءَ جانور جو گوشت ڪائيندا آهن، جيڪو ان جي روح جي نمائندگي ڪندو آهي. وري اها روايت، ته انهيءَ قرباني جي رسم خشڪ سالي ۽ قحط کي ختم ڪرڻ لاءِ رائج ڪئي ويئي هئي، هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريي جي حق ۾ آهي ته اها لاباري جي وقت جي تقريب هئي.
آنَ جي روح جي دوباره زندگي حاصل ڪرڻ جي رسم جي
مشابهت، جنهن جي ادائگي ڏڪي جي ٻوتي کي ڪڍي ڪرڻ ۽
ڪيس هڙَ لاءِ پاچاريءَ ۾ وڃهڻ سان ڪئي وڃي ٿي، وڻ جي
روح جي شخصي نمائندي، يعني "وحشي ماڻهو" جي صورت ۾
دوباره زندگي حاصل ڪرڻ جي رسم سان ڪري سگهجي ٿي.

ڏکو دنيا جي ٻين حصن ۾ ۽ آنَ جي روح جي نمائندي
جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو. گائنا ۾، گريٽ بسام وٽ، سڀي فصل
حاصل ڪرڻ لاءِ هر سال ٻه ڏڪا ذبح ڪيا ويندا آهن. قرباني
جيڪڏهن موثر ٿيٽي آهي، ته پوءِ ڏڪن کي روئڻ گهرجي. تنهن
ڪري، ڳوٺ جون سڀيئي عورتون ڏڪن جي سامهون ويهي هن
قسم جو راڳ آلاپيندڙون آهن، "ڏکو روئيندو، ها، اهو
روئيندو!" رکي رکي، عورتن مان هڪ چٽي ڏڪن جي چوڌاري
گهمندي، مٽائڻ، خاص طرح سندن اکين، مٽان، کجيءَ جو شراب اڇلائيندي
رهندي آهي. ڏڪن جي اکين مان جڏهن ڳوڙها وهڻ لڳندا آهن تڏهن
ماڻهو نچندا آهن ۽ خوش ٿي، هيئن ڳائيندا آهن ته "ڏکو روئي
ٿو! ڏکو روئي ٿو!" پوءِ ته مرد ڏڪن جا ٻچ پکڙي، انهن
کي هڪ ٻئي ڏڪ سان ويڇي ڇڏيندا آهن. ماڻهن جو اعتقاد آهي
ته جيڪڏهن اهي ٻچ هڪ ڏڪ سان صفا نه ويڇي ويندا، ته
انهيءَ سال جي ڏوران ۾ ملڪ مٽان کا وڏي آفت نازل ٿيندي. انهن
ڏڪن کي پوءِ ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ سندن گوشت قوم جا
سردار کائيندا آهن. هتي، ڏڪن جا ڳوڙها، ڪونڊ ۽ ازٽيڪس
قبيلن وارن جي قرباني وارن ماڻهن وانگر، شايد مينهن وسائڻ جا
ٽوٽا آهن. اسان اڳي ٻڌو آهي ته آنَ جي پوئين مڪ کي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن آنَ جي روح جو پڻ تصور ڪيو ويندو آهي.
مٿرائي مذهب ۾ انهيءَ تخيل کي انهن مختلف بتن جي تصويرن
جي صورت ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي، جن ۾ مٿرائن کي ڏاند جي
پٺيءَ تي اونڌو ٽيندو ڏيکاريو ويو آهي، جي سندس پاسيريءَ ۾
چاقو ٽوڪيندا نظر اچن ٿا، ڇو ته انهن يادگارن مان ڪن ۾،
ڏاند جو پڻ وڃي ٽن ڪانن جي صورت ۾ ختم ٿئي ٿو ۽ انهن
يادگارن منجهان هڪ ۾، ڏاند جي جسم ۾ چاقوءَ سان جيڪو زخم
ڏيکاريو ويو آهي، تنهن مان رت جي بدران آنَ جا ڪانا نڪرندا ڏيکاريا
ويا آهن. اهڙين تصويرن مان اسان کي يقيناً هيءَ راءِ قائم ڪرڻ ۾ ڪا
ٽي ڏکي ڪي، جنهن جي قرباني مٿرائي مذهب جي سائن سوٽن ۾
اهم ڪردار ادا ڪندي هئي، ڪم از ڪم سندس هڪ صورت ۾،
آنَ جي روح جو اوتار سمجهيو ويندو هو.

آنَ جي روح جي نمائندن ۾ ڏکو اڇا ۽ زياده صفائيءَ
سان انهيءَ رسم ۾ نظر اچي ٿو، جا موسم بهار جي
استقبال ڪرڻ خاطر چين جي سيني صوبن ۾ ضلعن ۾ ادا ڪئي
ويندي آهي. موسم بهار جي پهرين ڏينهن تيءِ جو گهٽو
ڪري ٽينءَ يا چوٽينءَ فبروريءَ تي هوندو آهي، ۽ جو نئين چيني
سال جو شروعاتي ڏينهن ۽ هوندو آهي، شهر جو گورنر يا پوليس
عملدار جلوس جي صورت ۾ شهر جي مشرقي دروازي ڏانهن ويندو
آهي ۽ اتي "خدائي- مالدار" جي حضور ۾ قرباني پيش ڪندو آهي،
جنهن کي انساني جسم مٿان ڏکي جي ڪڇيءَ سان ڏيکاريو ويندو آهي.
انهيءَ موقعي لاءِ ڪٿونءَ ڏکي يا مينهن جو هڪ وڏو مجسمو
اڳي ئي تيار ڪيو ويندو آهي ۽ اهو مشرقي دروازي جي ٻاهران، زراعت جي
سينيءَ اوزارن سميت، بيهاريو ويندو آهي. اهو بوتو مختلف رنگن جي
ڪاغذن مان هڪ پنجري مٿان ٺاهيو ويندو آهي ۽ اهو گهٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، يا تہ ڪو انڈو ماڻهر ناهيندو آهي، يا وري اهڙي ماڻهوءَ جي هدايتن موجب تيار ڪيو ويندو آهي، جو سوئن ماڻهن جي روحن سان همڪلاميءَ جي دعويٰ ڪندو آهي. ڪاغذ جا مختلف رنگ ايندڙ سال جي نوعيت جي اڳڪٿي ڪندا آهن، جيڪڏهن سرخ رنگ گهٽو هوندو آهي، تہ گهٽيون ٻاهيون لڳنديون، اڇو، تہ پوڙيون ۽ برساتيون جام ٿينديون، ۽ ساڳيءَ طرح ٻين رنگن جو ڪوبہ ڪو مطلب ڪڍيو ويندو آهي. شاهي چيني سول سروس جا عملدار ڏڳي جي چوڌاري آهستي آهستي گهمندا آهن ۽ هرقدم تي انهيءَ کي مختلف رنگن جي لئين سان سخت مار ڪيندا آهن. ڪاغذ جي ٽڪرن کي پوءِ باهہ لڳائي ويندي آهي ۽ پوءِ ڪاغذن جي ٻرندڙ ٽڪرن کي هٿ ڪرڻ لاءِ وٺ پڪڙ شروع ٿيندي آهي. جڏهن ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي تہ جنهن کي ٻہ انهن مان ڪوبہ ٽڪر ملي ويندو، سو سڄي سال جي دوران ۾ يقيناً خوش نصيب ٿيندو. پوءِ هڪ جيڙي مينهن ذبح ڪئي ويندي آهي، جنهن جو گوشت انهن عملدارن ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. هڪ روايت موجب، ڏاند جو ٻوتو مٽيءَ مان ناهيو ويندو آهي ۽ جڏهن گورنر ڪيس مار ڪيي بس ڪندو آهي، تڏهن ماڻهو مٽس سنگباري ڪندا آهن، تانجو اهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو آهي، "جنهن مان انهن کي سڪر سٽائيءَ واري سال جي توقع ٿيندي آهي." هتي آنَ جي روح جي نمائندگي بلڪل صاف طرح آنَ سان پريل ڏڳي جو مجسمو ڪري ٿو، جنهن جي ٽڪرن مان آبادي ۽ آسودگيءَ جي دور جي اميد رکي وڃي ٿي.

انهن سيني گالهين جي مدنظر اسين هيءَ فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ "ٻڪر" ۽ "ڏڳي"، ٻنهي جي حيثيت ۾، ڊيئونيسس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص طور نباتات جو ديوتا هو. زنده "ڊگي" يا "ٻڪر" کي ڊيئونيسس جي سائن سوٽن وقت چيرڻ ڦاڙڻ جي رسم ٿي. ٿي سگهي ٿو ته چين ۽ اتر يورپ واريون اهي رسمون جن جو مون مٿي ذکر ڪيو آهي، شايد ڪجهه روشني وجهن. انهيءَ جانور کي ائين ئي ٽڪر ٽڪر ڪيو ويندو هو، جيئن ڪوندڙ قبيلي وارن جي رسم ۾ قرباني‌ءَ واري ماٹهوءَ کي ذرو ذرو ڪيو ويندو هو، سو فقط هن لاءِ ته جيئن پوڄارين مان هرهڪ، ديوتا جي زندگي بخشيندڙ ۽ آبادي‌ءَ جي اثر جو حصو حاصل ڪري. گوشت تبرڪ طور ڪچو کاڌو ويندو هو ۽ اسين هيءَ قياس ۾ ڪري سگهون ٿا ته منجهانئس ڪجهه حصو ٻنين ۾ دفن ڪرڻ يا ٻئي ڪنهن اهڙي ڪم ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ گهر ۾ نيون ويندو هو، ته جيئن نباتات جي ديوتا جي تيزي‌ءَ جو اثر زمين جي ميون ۾ منتقل ٿي سگهي. ڊيئونيسس جي دوباره زنده ٿيڻ جو ڊراموِ جنهن جو سندس ڏند ڪٿا ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ذبح ٿيل ڏاند جي ڪل ۾ پلال پرڻ ۽ ڪبس ٻيهارڻ سان اهڙي‌ءَ طرح ادا ڪيو ويندو هو، جيئن اٽيسس واري "بوفونيا" ۾ ڪيو ويندو هو.

۲- **ڊيميٽر سوئر ۽ گهوڙو:** هن ڪان پوءِ آن جي ديوي‌ءَ ڊيميٽر ڏانهن متوجه ٿيندي ۽ هيءَ حقيقت ياد رکندي ته يوربي لوڪ- آڪائين ۾ سوئر آن جي روح جو عام نمائندو آهي، اسان کي هينئر هيءَ سوال پڇڻ گهرجي ته ڇا سوئر، جنهن جو ڊيميٽر سان ايتريقدر قريبي تعلق هو، اصل ڪان وڌي حيواني صورت ۾ خود ديوي ته ڪونه هو؟ سوئر انهيءَ ديوي‌ءَ لاءِ مقدس جانور هو، فنڪاري‌ءَ جي شاهڪارن ۾ ڪيس سوئر کي گود ۾ ڪٽندي يا سندس صحبت ۾ گڏ ڏيکاريو ويو آهي؛ ۽ سوئر کي سندس اسرارن ۾ باقاعدگي‌ءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان قربان ڪيو ويندو هو، جنهن لاءِ اهو سبب ڄاڻايو ويندو هو تہ سوئر اناج کي نقصان رسائي ٿو ۽ ان ڪري اهو ديوي جو دشمن آهي. پر هڪ دفعو، جڏهن ڪنهن جانور کي ديوتا جي صورت ۾ يا ڪنهن ديوتا کي جانور جي صورت ۾ تصور ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪڏهن هيئن نہ ٿيو آهي، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، تہ اهو ديوتا پنهنجي حيواني صورت لاهي اڇلائيندو آهي ۽ خالص انساني صورت وارو ٿي پوندو آهي، ۽ اڻ ڪان پوءِ انهيءَ جانور کي، جنهن کي پهريائين ديوتا جي حيثيت ۾ ذبح ڪيو ويو هو، تنهن کي ديوتا سان دشمني رکڻ جي سبب ڪري سندس حضور ۾ هڪ قربان ڪيل جانور تصور ڪرڻ شروع ڪيو وڃي ٿو. مختصر طور ڪٿي ڇڪجي تہ ديوتا کي پنهنجي ئي حضور ۾ هن سبب ڪري قربان ڪيو وڃي ٿو تہ اهو پنهنجو پاڻ دشمن آهي. ڊيئونيسس سان اهائي حالت ٿي هئي ۽ ممڪن آهي تہ ڊيميٽر سان پڻ اهائي تعدي ٿي هجي، درحقيقت، سندس تقريبن سان هڪ ٽيسموفوريا، جي سائن سان ثابت ٿئي ٿو تہ اوائل ۾ سوئر خود آن جي ديوي ۽ ڊيميٽر يا سندس ڏيءَ ۽ نعم البدل، پرسيفون، جي شخصيت جو مظهر هو. ائٽڪ ٽيسموفوريا موسم خزان جي هڪ تقريب هوندي هئي، جا آڪٽوبر مهيني ۾ فقط عورتن طرفان ملهائي ويندي هئي ۽ جنهن ۾ پرسيفون (يا ڊيميٽر) جي عالم زيرين ۾ نزول تي ماتم ۽ موئن وٽان سندس واپسيءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويندو هو. چنانچہ، "نزول" ۽ "عروج" جو لفظ مختلف مفهوم سان انهيءَ تقريب جي بهرين، ۽ "ڪئليجينيا" (سهڻي چاول) جو نالو ساڳيءَ تقريب جي ٽين ڏينهن سان لاڳو ڪيو ويندو هو. هاڻي، ٽيسموفوريا جي تقريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سوئرن، اڃي جي مانين ۽ "پائين" وٽن جي ٽارين کي "ڊيميٽر ۽ پرسيفون جي ڪنڊن ۾"، جي مقدس غارون يا بهرا معلوم ٿين ٿا، اڇلائڻ جو رواج هوندو هو. جيو وڃي ٿو ته انهن غارن يا بهرڻ اندر نانگ هوندا هئا، جي انهن غارن جي حفاظت ڪندا هئا ۽ انهن سوئرن جي گوشت جو اڪثر حصو، ۽ اڃي جون مانيون کائي کپائيندا هئا، جي انهن ۾ اڇلايا ويندا هئا. بعد ۾ - شايد ٻئي سالياني ميلي تي - سوئرن، مانين ۽ "پائين" وٽن جي شاخن جي سڙيل ۽ بدبودار بچت اهي عورتون مٽي ڪڍي ايندڙون هيون، جن کي "ڊوئيندڙ" سڏيو ويندو هو ۽ جي ٽن ڏينهن تائين رسمي پاڪائي رکي، انهن غارن اندر هيٺ لهنديون هيون ۽ هٿن سان تازيون وڃائي، نانگن کي ڏيڃاري، اها بچت مٽي ڪٽي ايندڙون هيون ۽ قربان گاهه تي رکنديون هيون. جنهن کي ۽ انهيءَ سڙيل گوشت ۽ مانين جو ڪو ٽڪر ملي، ويندو هو ۽ جيڪو ۽ انهن کي پنهنجي بج سان گڏ ٻنيءَ ۾ پوکيندو هو، تنهن کي اهو يقين رهندو هو ته سندس فصل ڀلو ۽ ڀرپور ٿيندو.

ٽيسموفوريا جي قديم ۽ بي ڊولن سائن سوٽن جي سمجهائڻ لاءِ هيٺين ڏنڊ ڪٿا ٻڌائي ويندي هئي. جنهن وقت پلوٽو پرسيفون کي ڀڃائي ڪٽي ٿي ويو، عين انهيءَ وقت يوبيوليس نالي سوئرن جو ڏنار انهيءَ جاءِ تي اتفاق سان پنهنجو سوئرن جو ڏڻ چاري رهيو هو ۽ سندس ڏڻ انهيءَ ڪڏ ۾ ڦاسي پيو هو، جنهن ۾ پلوٽو پرسيفون کي وڃي هيٺ غائب ٿي ويو هو. چنانچ، ٽيسموفوريا ۽ يوبيوليس جي سوئرن جي گمشدگيءَ جي يادگار ملهائڻ لاءِ سال بسال ڪڏن ۾ سوئر اڇلايا ويندا هئا. انهيءَ مان هيءَ ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابت ٿي رهي آهي ته ٽيسموفوريا تي بهرن ۾ سوئرن اچلائڻ جو رواج، پرسيفون جي عالم زيرين ۾ نزول جي ڊرامائي پيشڪش جو هڪ حصو هو، ۽ جيئن ته پرسيفون جو ڪوبہ مجسمو ڪڏن ۾ ڪونہ اچلايو ويندو هو، تنهن ڪري اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته سوئرن جو نزول ديويءَ جي نزول جو ڪو شراڪتي حصو ڪونہ هو، پر اهو خود ديويءَ جو نزول هو. مختصر طور ته سوئر خود پرسيفون هئا. بعد ۾، جڏهن پرسيفون يا ڊيميٽر (جو ته ٻئي هڪ ئي آهن) انساني صورت اختيار ڪئي، تڏهن سندن تقريب تي سوئرن کي غارن ۾ اچلائڻ جي رسم لاءِ ڪين ڪونہ ڪو سبب ڳولي ڪيڏو ويو، ۽ اهو سبب هيئن چئي ڏنو ويو ته جڏهن پلوٽو پرسيفون کي اغوا ڪري ويجي ويو، تڏهن انهيءَ جاءِ تي ڪجهہ سوئر چري رهيا هئا، جن کي ساڻس گڏ زمين ڳڙڪائي ويئي. ظاهر آهي ته اها ڳالهہ آنَ جي روح جي سوئر جي صورت واري قديم نظريي ۽ سندس انساني خصائل واريءَ ديويءَ جي صورت واري جديد نظريي جي درميان خائل ٿيل خليج کي پُر ڪرڻ لاءِ زوريءَ ناهيل ۽ هڪ بي ڍنگي ڪوشش آهي. قديم نظريي جو ڪجهہ نشان هن ڏنل ڪتا ۾ باقي رهجي ويو ته جڏهن مغموم ماءُ غائب ٿيل پرسيفون جي نشانن لاءِ جستجو ڪري رهي هئي، تڏهن گم ٿيل ديويءَ جي پيرن جا نشان سوئر جي ڪرن جي نشانن سان ميڙجي ويا هئا. اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اصل ۾ سوئر جي ڪرنَ جا نشان خود پرسيفون ۽ ڊيميٽر جي پيرن جا نشان هئا. آنَ سان سوئر جي قربيي تعلق جو ڪجهہ ڏنڊلو سماءُ هن ڏنل ڪتا جي پردي پٺيان پوشيده معلوم ٿي رهيو آهي ته سوئرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڏنار يوبيوليس ٽرپٽوليمس جو پاڻ هو، جنهن کي ڊيميٽر سيني کان پهريائين آنَ جو راز ڏنو هو. درحقيقت، انهيءَ ڳالهه جي هڪ روايت مطابق، يوبيوليس خود پنهنجي پاڻ، ٽرپٽوليمس، سان گڏ ڊيميٽر وٽان آنَ جو تحفو ڪيس پرسيفون جي انجام ڪان واقف ڪرڻ جي عيوضي ۾، بطور انعام، حاصل ڪيو هو. ازانسواءِ، هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ لازمي آهي ته ٽيسموفوريا وقت ائين معلوم ٿيندو آهي ته عورتن سوئر جو گوشت کاڌو هوندو آهي. جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، ته پوءِ اهو طعام ضرور سنجيده نوعيت جو تبرڪ يا مقدس طعام هوندو، جنهن ۾ ديوتا جا پوڄاري سندس جسم جو ڪو حصو کائيندا هئا.

ٽيسموفوريا جي جڙي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، اُن جي مطابق انهيءَ تقريب جون ڪمال يورپ جي لوڪ- رسمن ۾ سائنس مشابهت رکندڙ تقريبون ملن ٿيون، جن جو اڳي ئي بيان ڪيو ويو آهي. جهڙيءَ طرح ٽيسموفوريا تي- جا آنَ جي ديويءَ جي اعزاز ۾ موسم خزان جي تقريب هئي- سوئر جي گوشت جو ڪجهه حصو کاڌو ويندو هو ۽ ڪجهه حصو ايندڙ سال تائين خاص ۾ رکيو ويندو هو، جڏهن انهيءَ کي باهر ڪڍي، پلي فصل حاصل ڪرڻ لاءِ -بج واري آنَ سان ملائي بنين ۾ پوکيو ويندو هو، تهڙيءَ ريت گرينوبل جي آس پاس جيڪا پکري لاباري واريءَ ٻنيءَ تي ذبح ڪئي ويندي آهي، تنهن جي گوشت جو ڪجهه حصو لاباري واريءَ دعوت کي کاڌو ويندو آهي ۽ متجهانئس ڪجهه حصو آچار جي صورت ۾ ٻئي لاباري تائين محفوظ رکيو ويندو آهي، ساڳيءَ طرح، پوئليءَ وٽ جنهن ڏڳي کي لاباري واريءَ ٻنيءَ تي ذبح ڪيو ويندو آهي، تنهن جو ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو لاباري وارا ڪائيندا آهن ۽ اُن جو ڪجھ حصو مصالحن ۾ وجھي ايندڙ بھار جي موسم ۾ ٻچ پوکڻ جي پھرئين ڏينھن تائين شايد ھن ارادي سان محفوظ رکيو ويندو آھي تہ نئين سال جي ٻچ سان ملايو وڃي يا اُن کي ھر وارا ڪائين يا منجھائنس ٻيئي ڪم ورتا وڃن. ساڳيءَ طرح، ادوارھيليءَ وٽ لاباري وقت آخرين ستيءَ اندر جنھن ڪڙ کي ذبح ڪيو ويندو آھي، تنھن جا ڪٽيل ايندڙ بھار تائين رکيا ويندا آھن ۽ پوءِ انھن کي ٻچ سان گڏ ٻنيءَ ۾ پوکيو ويندو آھي. ساڳيءَ طرح، "ھيسي" ۽ ٻننگين وٽ سوئرن جو گوشت "ائش - اربع" يا "ڪنڊل ماس" ڏينھن ڪاڏو ويندو آھي ۽ ھڏن کي ٻچ پوکڻ واري وقت تائين رکيو ويندو آھي، جڏھن انھن کي زمين ۾ وڏو ويندوآھي يا وري ڪوٽيءَ ۾ رکيل ٻچ سان ڪين ملايو ويندو آھي، ساڳيءَ طرح، ٻوٽينءَ حالت ۾، آخرين ستيءَ ماڻ نڪتل آنءَ ناتال تائين رکيو ويندو آھي ۽ ڪيس "ٻڌول - نر سوئر" جي صورت ڏني ويندي آھي، جنھن ڪاڻ پوءِ بھار جي موسم ۾ ٻچ پوکڻ واري وقت ڪيس ذرو ذرو ڪري ٻچ جي اُنَ سان ملايو ويندو آھي. اھڙيءَ طرح، جيڪڏھن انھيءَ حقيقت کي عام طور ڪٽي بيان ڪجي، تہ انھيءَ حالت ۾ آنَ جي روح کي موسم خزان ۾ حيواني صورت ۾ ذبح ڪيو ويندو آھي، سندس گوشت جو ڪجھ حصو پوڄاري بطور تبرڪ ڪائيندا آھن ۽ اُن جو باقي حصو ٻچ پوکڻ يا لاباري جي ايندڙ موسم تائين آنَ جي روح جي قوتن کي قائم رکڻ يا کين دوباره زنده ڪرڻ لاءِ ضامن ۽ وعدي طور محفوظ رکيو ويندو آھي.

جيڪڏھن کي سخت مزاج ماڻھو ھيءَ اعتراض ڪن تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوناني لوڪ ڊيمٽر ۽ پرسيفون کي ڪڏهن ۾ سوئرن جي صورت ۾ موجود تصور نه ٿي ڪري سگهيا، تن کي هيءَ جواب ڏيڻ گهرجي، ته آرڪيڊيا ۾ فيگاليا جي غار اندر "ڪاري ڊيمٽر" جي هڪ تصوير نڪتل آهي، جنهن ۾ عورت جي بدن مٿان گهوڙي جو منهن ۽ بشڪون ڏيکاريل آهن. هڪ ديويءَ جي سوئر جي صورت ۾ ۽ گهوڙي جي منهن سان نڪتل ٻن تصويرن ۾ جيکو وحشيٽو ظاهر آهي، تنهن ۾ کو خاص فرق ڪونهي. فيگاليا واريءَ ڊيمٽر جي جيکا روايت ٻڌائي ويندي آهي، تنهن سان ظاهر آهي ته جديد يورپ وانگر، قديم يونان ۾ به، آن جو روح جيڪي حيواني صورتون اختيار ڪندو هو، تن سان گهوڙي جو روپ هڪ هو. جيو ويندو هو ته پنهنجيءَ ڏيءَ لاءِ جستجو ڪندي، پوسيڊان جي نظرن کان دور ٿيڻ لاءِ، ڊيمٽر گهوڙيءَ جي صورت ڪٽي اختيار ڪئي ۽ هوءَ پوسيڊان جي خفي ڪندڙ ٻنڌن کان ناراض ٿي، انتهائي افسرده حالت ۾ هڪ غار ۾ وڃي گوشه نشين ٿي، جا سغربي آرڪيڊيا جي مٿانهن پٽن ۾ فيگاليا کان زياده دور ڪانه هئي. سياه لباس ڍڪي، اتي هوءَ ايتري قدر گهٽي عرصي تائين ترسي، جو ڏرتيءَ جا سڀئي ميوا ناس ٿيڻ لڳا ۽ جيڪڏهن "پٽن" انهيءَ ڪاوڙيل ديويءَ کي غار ڇڏڻ لاءِ آماده نه ڪري ها، ته جيکر انسان ذات قحط سبب فنا ٿي وڃي ها. انهيءَ واقعي جي يادگيريءَ لاءِ، فيگاليا جي باشندن انهيءَ غار اندر "سياه ڊيمٽر" جو هڪ مجسمو ڪٽي ڪڙو ڪيو، انهيءَ مجسمي ۾ هڪ عورت کي ڏکهي جي ۾ ملبوس ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي ڪلهن مٿان سسي ۽ بشڪون گهوڙي جون آهن. اها "سياه ڊيمٽر"، جنهن جي عدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود گي۽ ۽ ڏرتي۽ جا ڦل قول ناس ٿين ٿا سا، صاف ظاهر آهي، سياري ۽ اگهاڙي۽ ۾ ساوڪ جي پوشاڪ کان محروم ٿيل زمين جي اظهار ڪرڻ جو هڪ ڏند ڪٿائي طريقو آهي.

۳- **اٽيس، ائڊونس ۽ سوئر :** اٽيس ۽ ائڊونس ڏانهن هينئر نظر ڦيرائيندي، اسان کي چند اهڙيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون، جي اسان کي ڏيکارين ٿيون ته نباتات جي انهن ديوتائن کي پڻ، ساڳئي طبقي جي پين ديوتائن وانگر، پنهنجا پنهنجا حيواني نمائندا هئا. اٽيس جا پوجاري سوئر جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا. انهي۽ مان هي۽ حقيقت ثابت ٿيندي معلوم ٿي رهي آهي ته سوئر کي اٽيس جو نمائندو تصور ڪيو ويندو هو، ۽ هي۽ روايت ۾، ته اٽيس کي هڪ جهنگلي سوئر ماريو هو، انهي۽ ئي طرف اشارو ڪري رهي آهي. جو ته هڪ ڊيئونيسس ۽ سوئر ڊيميٽر جي مثالن کان پوءِ، هي۽ ڳالهه ذري گهٽ قانوني حيثيت اختيار ڪري ٿي ته جنهن جانور ديوتا کي زخمي ڪيو هو، سو دراصل خود ديوتا ئي هو. ممڪن آهي ته اٽيس جي پوجارين جو هي۽ نعرو "هائيز اٽيس! هائيز اٽيس"، محض "سوئر اٽيس! سوئر اٽيس!" کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هجي ــ لفظ "هائيز" شايد يوناني لفظ "هائس"، يعني "سوئر" جو فرائيگيا جي ٻولي۽ ۾ هڪ بگڙيل نمونو هجي.

ائڊونس جي باري ۾، سندس سوئر سان تعلق هميشه هن قصي ذريعي نه سمجهائي سگهبو هو ته ڪيس انهي۽ جانور قتل ڪيو هو. هڪ پي۽ روايت مطابق، هڪ سوئر انهي۽ وٽ جي ٽڙ جو باهريون چوڏو پنهنجي ڏند سان ڦاڙي چڏيو هو، جنهن ۾ معصوم ائڊونس جائو هو. اڄا به هڪ پي۽ روايت مطابق، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيفائيٽس جي هٽان لبنان جبل تي جهنگلي سوئرن جو شڪار ڪندي ماريو ويو هو. روايت جون اهي تبديليون ۽ اختلاف هيءَ ڳالهه ثابت ڪن ٿا ته هڪ طرف ته سوئر جو ائڊونس سان تعلق يقيني هو، پر ٻئي طرف انهيءَ تعلق جو سبب ڪنهن جي به سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو. جنهن جي نتيجي ۾ انهيءَ تعلق کي سمجهائڻ لاءِ مختلف قصا ۽ ڪهاڻيون گهڙيون ويئون هيون. هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته شامي باشندن وٽ سوئر مقدس جانور شمار ڪيو ويندو هو. فرات درياه جي ڪناري، هيراپولس نالي انهيءَ عظيم مذهبي دارالحڪومت ۾، سوئرن کي نه قربان ڪيو ويندو هو ۽ نه کاڈو ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سوئر کي ڇهي وجهندو هو، ته اهو سڄي ڏينهن تائين ناپاڪ سمجهيو ويندو هو. ڪن ماڻهن جو چوڻ هو ته اهو ان ڪري هو، جو سوئر غليظ ۽ گندا جانور هئا، ٻيا وري ائين چوندا هئا ته اهو هن ڪري هو، جو سوئر مقدس جانور هئا. راين جو اهو اختلاف مذهبي خيال جي انهيءَ ڏنڊليءَ حالت ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جنهن ۾ پاڪائيءَ ۽ پليديءَ جا خيال اڃا تائين چڱيءَ ريت ميز ڪيل ناهن ۽ اهي ٻئي هڪ اهڙي بخار جهڙي مرڪب ۾ ملهيل آهن، جنهن کي اسين "جَهَل" سڏيون ٿا. اها ڳالهه هن حقيقت سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿي ته سوئر کي ائڊونس ديوتا جي شخصيت جو مظهر سمجهيو وڃي ۽ هن باري ۾ ڊيئونيسس ۽ ڊيميٽر جون مشابهتون هن ڳالهه کي امڪان جي حد اندر اچي پهچائين ٿيون ته انهيءَ جانور جي ديوتا سان دشمني، ديوتا جي سوئر ۾ موجود گيءَ جي اصلوڪي نظريي جي محض غلط فهميءَ جو نتيجو هئي، جا پوئين زماني ۾ نمودار ٿي. هيءَ قاعدو، ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتيس ۽ شايد ائڊونس جا پوڄاري سوئر نہ کائيندا هئا، هن امکان کي خارج نہ ٿو ڪري ته انهن سائن سوئن ۾ سنجيده نوعيت واري موقعن تي سوئر کي ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾ ذبح ڪيو ويندو هو ۽ پوڄاري ستدس گوشت کي بطور تبرک کائيندا هئا. درحقيقت، ڪنهن به جانور جي بطور تبرک ذبح ڪرڻ ۽ کائڻ ۾ هيءَ حقيقت پوشيده آهي ته اهو جانور مقدس آهي ۽ عام طرح کيس چريءَ کان بچايو ويندو آهي.

سوئر ڏانهن يهودين جو رويو به اهڙو ئي منجهيل هو، جهڙو بت پرست شامين جو ساڳئي جانور متعلق هوندو هو. يوناني هن گاله جو فيصلو نہ ڪري سگهيا ته يهودي سوئر کان نفرت ڪندا هئا يا کيس پوڄيندا هئا. هڪ طرف ته اهي سوئر کي نہ کائيندا هئا، پر ٻئي طرف اهي کيس قتل به ڪونہ ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن اول الذڪر قانون سوئر جي ملاظت ۽ ناپاڪائيءَ جو دليل آهي، ته موخرالذڪر قانون انهيءَ جانور جي تقدس لاءِ اڃا به زياده زورائتو دليل آهي. جو ته، جيڪڏهن ٻنهي قانونن کي هن قياس جي بنياد تي سمجهائي سگهجي ٿو، ۽ منجهائن هڪ کي انهيءَ بنياد تي ضرور سمجهائي گهرجي، ته سوئر مقدس جانور هو، ٻنهي مان هڪ به قانون کي هن قياس جي بنياد تي نہ سمجهائي گهرجي ۽ منجهائن هڪ کي انهيءَ بنياد تي نہ ٿو سمجهائي سگهجي ته سوئر ناپاڪ جانور هو. ان ڪري، جيڪڏهن اسين پهرئين قياس کي ترجيح ڏيون، ته پوءِ اسان کي هيءَ فيصلو ڪرڻو ئي پوندو ته ڪم از ڪم اوائلي زماني ۾، اسرائيلي قوم وارا سوئر کان نفرت نہ ڪندا هئا، پر کيس پوڄيندا هئا. اسان جي انهيءَ راءِ کي هيءَ حقيقت ڏسي تقويت ملي رهي آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسائياهم جي وقت تائين کي يهودي سوئر ۽ کوئن جي گوشت کي مذهبي رسم طور کائڻ لاءِ خفيه طور باغن ۾ سلندا هئا. اها رسم پيشڪ تمام قديم هئي ۽ سندس بنياد انهيءَ زماني کان وڃي پيو، جڏهن کوئي ۽ سوئر، ٻنهي کي ديوتائي جانور سمجهي، سندن پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ جڏهن سندن گوشت کي ديوتائن جو جسم ۽ خون سمجهي، تمام نادر ۽ سنجيده نوعيت وارن موقعن تي بطور تبرڪ کاڌو ويندو هو. عام طرح شايد هيءَ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته سيئي ناپاڪ ۽ غليظ جانور، دراصل، مقدس هئا، ڪين نه ڪائڻ جو سبب اهو ئي هيو، جو اهي ديوتائي جانور هئا.

۴- **اوسيرس، سوئر ۽ ڏڪو:** قديم مصر ۾ تاريخي دور اندر سوئر جي اهڙي ئي مشڪوڪ حالت هئي، جهڙي شام ۽ فلسطين ۾ هئي، حالانڪ پهرين نظر ۾ سندس خلاظت ان جي تقدس کان وڌيڪ نمايان آهي. يوناني مصنفن مصرين لاءِ گهٽو ڪري ائين چيو آهي ته اهي سوئر کي هڪ غليظ ۽ قابل نفرت جانور سمجهندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو گهمندي ڦرندي سوئر کي ڇهي وڃهندو هو، ته اهو انهيءَ پليديءَ کي ڌوئڻ لاءِ سڄي ڪپڙن سميت درياه ۾ گهڙي پوندو هو. سوئر جي ڪير پيڙهه ڪري ائين سمجهيو ويندو هو ته ان جو پيئندڙ ڪوڙهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيندو. سوئرن جي ڏانرن کي، مصري باشندن هڪ جي باوجود، مندرن ۾ داخل ٿيڻ کان ممانعت هوندي هئي ۽ سڄيءَ قوم ۾ اهوئي طبقو هو، جنهن کي اهڙيءَ طرح مندرن مان خارج ڪيو ويو هو. ڪوبه ماڻهو سوئرن جي ڏانرسان پنهنجيءَ ڏيءَ جي شادي ڪاڻ ڪندو هو ۽ نه وري کو سندس ڏيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان شادي ڪندو هو، سوئرن جا ڏنار پنهنجون شاديون هڪ ٻڪي ۾ ڪندا هئا. اُن جي باوجود، سال ۾ هڪ دفعو مصري باشندا چند ۾ اوسيرس ديوتا کي سوئرن جون قربانيون ڏيندا هئا ۽ انهيءَ موقعي تي، نہ فقط انهن جون قربانيون ڪندا هئا، پر سندن گوشت به کائيندا هئا، حالانڪ سال جي ٻڪي ڪنهن به ڏينهن تي اهي نہ سندن قربانيون ڏيندا هئا ۽ نہ انهن جو گوشت چکيندا هئا. اهي ماڻهو، جيڪي ايتري قدر غريب هوندا هئا، جي انهيءَ ڏينهن تي سوئر جي قرباني ۾ ڏيڻ کان قاصر هوندا هئا، سي اُن جو بجاءِ اٽي جا نان پچائي، نذراني طور پيش ڪندا هئا. انهيءَ ڳالهه جي سمجهاڻي هن قياس ڪرڻ کان سواءِ مشڪل ڏيئي سگهبي تہ سوئر هڪ مقدس جانور هو، جنهن کي سندس پوڄاري سال ۾ هڪ دفعو بطور تبرڪ کائيندا هئا.

اهو نظريو، تہ مصر ۾ سوئر مقدس جانور تصور ڪيو ويندو هو، خود انهن حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو جي، جديد دور جي ماڻهن جي خيال موجب، اُنهيءَ نظريي جي بلڪل برعڪس حقيقت کي ثابت ڪندڙن معلوم ٿيندڙن. چنانچہ، جيڪڏهن اسين ڏسي آيا آهيون، مصري باشندن جو خيال هو تہ سوئر جي ڪيترن ٻڪڙن سان ڪوڙهه پيدا ٿيندو. پر ڪي وحشي انهن جانورن ۽ پوٽن جي متعلق، جن کي اهي انتهائي مقدس سمجهندا آهن، بلڪل ساڳيائي خيال رکندا آهن. چنانچہ، ويڙار نالي هڪ بيت ۾ (نيوگائنا ۽ سيليبس جي درميان) مختلف ماڻهو پاڻ کي جهنگلي سوئرن، ڪانگن، واگهن، ڪمين، ڪتن ۽ نانگ جهڙين شين جو اولاد سمجهندا آهن، ڪوبه ماڻهو انهيءَ قسم جو جانور ڪونہ کائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جي نسل مان اهو پاڻ کي پيدا ٿيل سمجهندو آهي، جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو، تہ ڪوڙهہ جي مرض ۾ مبتلا ٿيندو ۽ ڳل ٿي پوندو. اتر امريڪا جي ڳاڙهن هندستانين جي اوماها قبيلي وارن ۾ اهي ماڻهو، جن جو خاندان نشان ڳاڙهو هوندو آهي، هي۽ اعتقاد رکندا آهن تہ جيڪڏهن انهن کنهن نر ڳاڙهي جو گوشت کاڌو، تہ سندن سڄو جسم ڦرڙين ۽ ڪوڙهن سان ڀرجي پوندو ۽ سندن جسم جي مختلف حصن ۾ ايڏا داغ ٿي پوندا، ساڳئي قبيلي ۾، جن ماڻهن جو خاندان نشان سرخ رنگ جي مڪائي هوندو آهي، تن جو وري هي۽ اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن اهي سرخ مڪائي کائيندا، تہ سندن وات جي چوڌاري وڏن ڦٽ ٿي پوندا. سورينام جا "پش" قبيلي واراحبشي، جي پڻ خاندان نشان رکندا آهن، هي۽ اعتقاد رکندا آهن تہ جيڪڏهن اهي "ڪيپائي" (سوئر جهڙو هڪ جانور) کائيندا، تہ اهو کين ڪوڙهہ ڏيندو. معلوم ٿئي ٿو تہ "ڪيپائي" سندن خاندان نشان منجهان هڪ آهي. قديم زماني ۾ شايد باشندا، جي مڇين کي مقدس تصور ڪندا هئا، هي۽ يقين رکندا هئا تہ جيڪڏهن اهي مڇي کائيندا تہ سندن جسم روگ وهائيندڙ ڪوڙهن سان ڀرجي ويندا ۽ سندن پير ۽ پيٽ سڄي پوندا. اوڙيسا جي "چاچا" قبيلي وارن جو هي۽ اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي خاندان نشان واري جانور کي زخمي ڪندا تہ متن ڪوڙهہ جي بيماري۽ جوڙ حملو ڪندو ۽ سندن سڄو سارو خاندان مري ڪي ۽ ختم ٿي ويندو. اهي مثال هي۽ ڳالهہ ثابت ڪن ٿا تہ مقدس جانور جو کائڻ، گهٽو ڪري ڪوڙهہ يا چمڙي۽ جا ٻيا مرض پيدا ڪري ٿو. انهي۽ حد تائين اهي حقيقتون هن نظريي جي پٽيرائي ڪري رهيون آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيئن تہ سوئر جي ڪير پيئڻ جو اثر ڪوڙھ پيدا ڪندڙ سمجھيو ويندو ھو. ان ڪري مصر ۾ اھو جانور مقدس سمجھيو ويندو ھوندو.

وري، ھي قانون تہ سوئر کي ڇھڻ کان پوءِ، ماڻھوءَ کي پاڻ کي ۽ پنھنجن ڪپڑن کي ڏوئڻو پوندو ھو. سوئر جي تقدس جي خيال جي حق ۾ آھي. ڇو تہ ھي عام اعتقاد آھي تہ ڪنھن بہ مقدس شيءِ سان لھ وچڑ ۾ اچڻ جي اثر کي، ماڻھن سان ملڻ ۽ ھلڻ چلڻ کان اڳ ئي، پاڻيءَ يا پيءَ ڪنھن شيءِ سان ھٽائي ڇڏڻ گھرجي. چنانچہ، يھودي پنھنجن مقدس خدائي ڪتابن کي پڙھڻ کان پوءِ، پنھنجا ھٿ ڏوئي ڇڏيندا آھن. گناھن جي اقرار ٻڌڻ کان پوءِ عبادتگاھ مان باھر اچڻ کان اڳ، وڏي پوڄاريءَ کي غسل ڪرڻو پوندو ھو ۽ ڪيس اھي ڪپڑا لاھٽا پوندا ھٿا، جي ھن مقدس مقام اندر پاتا ھٿا. يوناني مذھبي رسمن جو ھيءُ قانون ھوندو ھو تہ توبھ تائب ٿيڻ لاءِ جيڪا قرباني ڪئي ويندي ھئي، تنھن ۾ قرباني پيش ڪندڙ قرباني واريءَ شيءِ کي ڇھي نہ سگھندو ھو ۽ جڏھن نذرانو پيش ڪري چڪندو ھو، تڏھن ڪيس شھر يا پنھنجي گھر ۾ وري داخل ٿيڻ کان اڳ، ڪنھن درياھ يا چشمي ۾ پنھنجو بدن ۽ ڪپڑا ڏوئڻا پوندا ھٿا. پولينيشيا وارا پاڻ کي مقدس ڇوت کان، جيڪڏھن اسين ان کي ائين ڪٽي سڏيون، جا مقدس شين کي ڇھڻ سبب کين ڇھي پوندي ھئي، بچائڻ جي تمام سخت ضرورت محسوس ڪندا ھٿا. انھيءَ ڇوت کي ھٽائڻ لاءِ مختلف رسمون ادا ڪيون ويندیون ھيون. مثال طور، اسين ڏسي آيا آھيون تہ ڪيئن نہ ٽونگا ۾، جيڪڏھن ڪو ماڻھو ڪنھن مقدس سردار يا ڪنھن اھڙيءَ شيءِ کي، جا سندس شخصي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪيت هوندي هئي، ڇهي وڃندو هو، تہ پنهنجن هٿن سان وري ڪائي سگهڻ کان اڳ، ڪيس هڪ قسم جي رسم ادا ڪرڻي پوندي هئي، نہ تہ، ائين سمجهيو ويندو هو تہ هو سچو سچي پوندو ۽ مري ويندو، يا ڪم ڪار ڪرڻ جوڳو نہ رهندو، يا بي ڪا بيماري لڳي پوندي. اسان هيءَ پڻ ڏٺو آهي تہ ڪنهن مقدس شيءَ سان لهہ وچڑ ۾ اچڻ سان نيوزيلنڊ ۾ ڪهڙا نہ مهلڪ نتيجا رونما ٿيندا سمجهيا ويندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ اهڙا نتيجا سچ پچ نڪتا بہ آهن. مختصر طور چئجي تہ قديم دور جو وحشي انسان هيءَ يقين رکي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ مقدس آهي، سو خطرناڪ آهي، سندس مٿان هڪ قسم جو برقي تقدس چانيل رهي ٿو، جو اهو جنهن سان لهہ وچڑ ۾ اچي ٿو تنهن کي، بجيتوڻيڪ ماري نہ ٿو، تہ بہ ڪيس زبردست ڏڪو رسائي ٿو. ان ڪري هڪ وحشي، جنهن بہ شيءَ کي خاص طور مقدس سمجهندو آهي، تنهن کي هٿ لائڻ يا ڏسڻ لاءِ آماده ڪرڻ ڏکيو آهي. چنانچہ، "اگهون" قوم جي ٻڍوئانا قبيلي واري وحشي واگهونءَ سان ملڻ يا ڪيس ڏسڻ کي "نفرت پريو ۽ بدبخت" عمل سمجهندا آهن، آهي ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ واگهونءَ جو نظارو اکين ۾ سوچ آڻيندو آهي. ان جي باوجود، واگهون سندن انتهائي مقدس جانور آهي، اهي ڪيس پنهنجو ابو سڏيندا آهن، سندس نالي جو قسم کڻندا آهن ۽ پنهنجين تقريبن ۾ ان کي عزت ڏيندا آهن. ميڊنسانا جي "بش مين" قبيلي وارن وٽ ٻڪري مقدس جانور آهي، پران جي باوجود "ڪيس هڪ نظر ڏسڻ سان ماڻهو وقتي طور ناپاڪ ٿيندو ۽ ڪيس نامعلوم قسم جي بي آرامي نصيب ٿيندي." اوماها قبيلي جي ڀاڙهن هندستانين ۾ "ڪاڙها قبيلي" وارن جو اعتقاد آهي تہ نر ڪاڙهي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکھو هٽ لائڻ کان پوءِ هڪدم سڄي بدن تي ڦڙڻيون ۽ اڇا داغ نڪري پونداء ساڳيءَ قوم ۾ "نانگ قبيلي" وارن جو خيال آهي ته جيڪڏهن سندن قبيلي جو ڪو فرد نانگ کي ڇهي وجهندو يا کيس سنگهندو، ته سندس وار اڇا ٿي پونداء سامونءَ ۾ جن ماڻهن جو ديوتا پوپٽ هو، تن جو اعتقاد هو ته جيڪڏهن اهي ڪنهن پوپٽ کي پکڙيندا، ته اهو کين اڻٽ ماري وجهندو. وري، سامونءَ ۾ ڪيوڙي جا ڳاڙهي رنگ وارا سڪل پن عام طرح ڪاڏي پيتي ڏيڻ وٺڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا، ۽ جيڪڏهن "جهنگلي ڪبوتر" واري خاندان جي ڪنهن به فرد ڪيوڙي جي پنن کي انهيءَ مقصد لاءِ ڪٽي ڪتب آندو، ته هيءَ فرض ڪيو ويندو هو ته هو وڃ المفاصل جي سور سبب سڄي پوندو يا سندس سڄي جسم تي ننڍيءَ ماتا وانگر داڻا نڪري پونداء وچ هندستان جي ٻيلن جي "سور" قبيلي وارا سور کي پنهنجي خاندائي نشان طور پوڄيندا آهن ۽ کيس اناج جي داڻن جا نڊرانا پيش ڪندا آهن، ان جي باوجود قبيلي جا ماڻهو هيءَ اعتقاد رکندا آهن ته جيڪڏهن انهن ڪنهن سور جي پيرن جي نشانن کي لتاڙيو ته اهي بعد ۾ ڪنهن نه ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿيندا ۽ جيڪڏهن کا عورت سور کي ڏسي وجهي، ته کيس پنهنجي منهن تي پڙدو وجهڻ گهرجي ۽ ٻئي طرف نهارڻ ڪپي. اهڙيءَ طرح، قديم انسان جو دماغ تقدس کي هڪ قسم جي خطرناڪ زهر سمجهندو نظر اچي ٿو، جنهن کان هڪ عقلمند انسان، جيتريقدر ممڪن ٿي سگهندو، اوتريقدر دور پوڄندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن اتفاق سان کيس اهو زهر وڃڙي پوندو، ته هو پاڻ کي اُن جي اثر کان ڪنهن پاڪائيءَ جي رسم ادا ڪرڻ سان آجو ۽ آزاد ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن متوازي مثالن جي روشنيءَ ۾ سوئر جي متعلق مصرين جي اعتقادن ۽ رسمن جي هيءَ سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي ته انهن جو بنياد انهيءَ جانور جي متعلق انتهائي تقدس جي راءِ تي، ۽ نه سندس انتهائي غلاظت ۽ ناپاڪائيءَ جي راءِ تي رکيل آهي، يا انهيءَ حقيقت کي زياده صحيح انداز ۾ بيان ڪجي ته انهن اعتقادن ۽ رسمن ۾ هيءَ ڳالهه پوشيده رکيل آهي ته انهيءَ جانور کي محض هڪ گندو ۽ قابل نفرين جاندار نه، پر اعليٰ فوق‌الفطري قوتن جو مالڪ هڪ جانور تصور ڪيو ويندو هو ۽ ان ڪري کيس قديم زماني جي انهيءَ مذهبي دهشت ۽ ڊپ جي جذبي وچان ڏاڍو ويندو هو، جنهن ۾ احترام ۽ نفرت جا احساسات ذري گهٽ هڪ جيتري مقدار ۾ ملميل ٿين ٿا. خود قديم زماني جا ماڻهو هن حقيقت کان آگاه معلوم ٿين ٿا ته مصرين جي دلين ۾ سوئر، جنهن خوف جو جذبو پيدا ڪندا هئا، تنهن جو هڪ يورخ به هو، چوته، يوناني منجم ۽ رياضي دان، يوڊوڪسس، جنهن چوڏهن مهينا مصر ۾ گذاريا ۽ اتان جي پوجارين سان گفتگو ڪئي، سو هن راءِ جو هو ته مصري باشندا سوئر کي نفرت جي جذبي کان نه، پر زراعت ۾ سندس مفيد هئڻ جي سبب ڪري، چڏي ڏيندا هئا، چو ته سندس بيان موجب، جڏهن نيل درياه جي طغياني لهي ويندي هئي، تڏهن سوئرن جا ڏڻ جا ڏڻ ٻنين ۾ آزاد ڦرندا وٽندا هئا، جي ڇ ڪي پنهنجن ڪرن سان آليءَ ۽ نرم زمين ۾ لتاڙي هيٺ ڪندا هئا. پر جڏهن ڪا هستي اهڙيءَ طرح گڏيل ۽ اندروني طور متضاد جذبات جو مرڪز هوندي آهي، تڏهن آن لاءِ ائين ئي چئي سگهبو آهي ته اها متزلزل توازن واري مقام تي بيٺل آهي. وقت گذرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان۔ پوءِ، انهن متضاد جذبات مان هڪ جوهئي مٿان فوقيت حاصل ڪرڻ جو امڪان رهي ٿو ۽ جيڪو جذبو آخرڪار فوقيت حاصل ڪري ٻيهي ٿو تنهن جي مطابق، جيڪڏهن اهو احترام ۽ نفرت جو آهي، اها هستي جا انهيءَ جذبي جو مرڪز آهي، ديوتا جي درجي تي پهچي ٿي يا پوت ۽ شيطان جي ذليل منزل تي وڃي ڪري ٿي. سيني ڪالهين جي مدنظر، مصر ۾ سوئر جي اها پوئين حالت ٿي. ڇو ته تاريخي دور ۾ سوئر جي متعلق ڊپ ۽ نفرت يقيناً انهيءَ احترام ۽ پوڄا کان گهٽي زيادہ هئي، جنهن جو اهو ڪنهن زماني ۾ مالڪ هوندو ۽ جنهن جو سندس انهيءَ ڪريل حالت ۾ ٻه، نشان صفا گم ڪونہ ٿيو هو. ڪيس مصري شيطان ۽ اوسيرس ديوتا جي دشمن، "سيت" يا "ٽائفون" جي شخصيت جو مظهر سمجهيو وڃڻ لڳو. ڇو ته ٽائفون ڪاريءِ سوئر جي شڪل ۾ هورس ديوتا جي اک زخمي ڪئي هئي، جنهن ڪيس ساڙي چڏيو ۽ سوئر جي قرباني جو رواج وڌو، جو سورج ديوتا، "را" انهيءَ جانور کي قابل نفرت ظاهر ڪيو. وري هيءَ ڪالهه ته ٽائفون انهيءَ وقت سوئر جو شڪار ڪري رهيو هو، جڏهن ڪيس اوسيرس جو لاش هٿ لڳو هو ۽ هن ڪيس ڇڻي ٽڪر ٽڪر ڪري چڏيو هو ۽ اهو ئي سبب هو، جو سال ۾ هڪ دفعو سوئر قربان ڪيا ويندا هئا، ظاهر طور قديم زماني جي هن ڪالهه جي جديد صورت آهي ته ائڊونس ۽ اتيس وانگر، اوسيرس کي ٻه سوئر يا سوئر جي صورت ۾ ٽائفون، ماريو يا چٽيو هو. چنانچ، اوسيرس جي حضور ۾ سوئر جي سالياني قرباني جو مقصد انتقام هوندو هو، جو انهيءَ دشمن جانور کان ورتو ويندو هو، جنهن ديوتا کي چٽيو يا ماريو هو. ۽ اول ته، جڏهن به ڪنهن جانور کي اهڙيءَ طرح سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ دفعو ۽ فقط هڪ ئي دفعو سنجيده قرباني جي صورت ۾ ماريو ويندو آهي، تڏهن ان جو مطلب، گهٽو ڪري يا هميشه اهو ئي هوندو آهي ته اهو جانور ديوتا ئي آهي، ته ڪيس سال جي باقي عرصي ۾ چڏيو ويندو آهي ۽ ديوتا جي حيثيت ۾ عزت ڏني ويندي آهي۽ جڏهن به ڪيس ذبح ڪيو ويندو آهي، تڏهن ڪيس ديوتا جي حيثيت ۾ ئي ذبح ڪيو ويندو آهي. هي۽ حالت ۾ ڊيئونيسس ۽ ڊيميٽر جي مثالن مان، جيڪڏهن اتيس ۽ ائڊونس جي مثالن مان نه، اسان کي معلوم ٿيو آهي ته جيڪو جانور هن دليل جي بنياد تي ديوتا جي حضور ۾ قربان ڪيو ويندو آهي، ته اهو ديوتا جو دشمن آهي سو، ٿي سگهي ٿو يا ممڪن آهي ته ائين ئي هوندو، دراصل خود ئي ديوتا هوندو. انهيءَ ڪري اوسيرس جي حضور ۾ سوئر جي سالياني قرباني۽ ۾ انهيءَ جانور جي ديوتا سان مبينہ دشمني هيءَ ڳالهہ ثابت ڪري رهي آهي ته پهريون، اوائل ۾ سوئر هڪ ديوتا هو، ۽ پوءِ ته اهو ديوتا اوسيرس هو. پوئين زماني ۾، جڏهن اوسيرس انساني خصائل جو مالڪ ٿي ويو ۽ سوئر سان سندس اصلي تعلق فراموش ڪيو ويو، تڏهن انهيءَ جانور کي پهرئين دفعي ڪائنس سميز ڪيو ويو۽ بعد ۾ ڏند ڪٿائن جي مصنفن ديوتا جي دشمن جي حيثيت ۾ سندس دشمني ڪرڻ شروع ڪئي، جن کي ديوتا جي پوڄا جي متعلق جانور کي قربان ڪرڻ جو سواءَ هن سبب جي، ته اهو ديوتا جو دشمن هو، ٻيو ڪوبہ سبب سمجهہ ۾ ڪونہ اچي سگهيو، يا وري جيئن پلوٽارچ اظهار ڪيو آهي ته اهو نه، جيڪو ديوتائن کي پيارو هوندو آهي، پر اهو جيڪو انهيءَ جي ابتڙ هوندو آهي، قربان ڪرڻ جي قابل هوندو آهي. انهيءَ پوئين زماني ۾، جهنگلي سوئر جيڪا آن ۾ تباهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڃائيندو آهي، تنهن ڪيس آنَ جي روح جي دشمن ليکجڻ لاءِ معقول سبب مهيا ڪيو، جيتوڻيڪ اوائل ۾، جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، خود انهيءَ آزاديءَ، جنهن سان جهنگلي سوئر آنَ ۾ ڦرندو گهمندو وتندو هو، ڪيس آنَ جي روح سان شناخت ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي آماده ڪيو، جنهن جو اهو بعد ۾ دشمن جي حيثيت ۾ مخالف رهيو.

جيڪو نظريو سوئر کي اوسيرس سان شناخت ڪري ٿو سو، سندس حضور ۾ انهيءَ ساڳئي ڏينهن ٻڌي جڏهن، روايت مطابق خود اوسيرس کي قتل ڪيو ويو هو، سوئرن جي قرباني ڏيڻ جي رسم ان کان ٿوري تقويت نه ٿي ملي، چو ته اهڙيءَ طرح سوئر جو قتل اوسيرس جي سالياني قتل جي آهڙي ئي نمائندگي هئي، جهڙي ٽيسموفوريا جي تقريب تي سوئرن جو غارن اندر اڇلائڻ، پرسيفون جي عالم زيرين ۾ نزول جي سالياني نمائندگي هئي ۽ اهي ٻئي رسمون يورپ جي لاباري وقت ڪڪڙ، ٻڪريءَ وغيره کي آنَ جي نمائندي جي حيثيت ۾ ذبح ڪرڻ واريءَ رسم سان ملتوازي آهن.

وري، هن نظريي کي ته سوئر، جو اوائل ۾ خود اوسيرس هو ۽ جنهن کي بعد ۾ سندس دشمن، ٽائفون، جي شخصيت جو مظهر تصور ڪرڻ شروع ڪيو ويو، ڳاڙهن وارن واري ماڻهن ۽ ڳاڙهن ڏيکڻ جي ٽائفون سان ساڳئي قسم جي تعلق مان تقويت حاصل ٿي رهي آهي، چو ته ڳاڙهن وارن واري ماڻهن جي متعلق، جن کي ساڙيو ويندو هو ۽ جن جي رڪ کي ڇڇن سان منتشر ڪيو ويندو هو، اسان کي هن ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ لاءِ ڇگا دليل مليا آهن ته ڳاڙهي رنگ جي ڪتڙن وانگر، جن کي موسم بهار ۾ روم ۾ قتل ڪيو ويندو هو، اهي خود آنَ جي روح، يعني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسيرس جا نمائندا هوندا هئا ۽ انهن کي خاص طور آن کي سرخ يا سونهري رنگ ڏيڻ لاءِ قتل ڪيو ويندو هو. ان جي باوجود، پوئين زماني ۾ انهن ماڻهن کي اوسيرس جو نئون پرستار دشمن، ٽائفون جو نمائندو ڪري ڏڪايو ويندو هو ۽ انهن جو قتل ديوتا جي دشمن کان ورتل انتقام جو فعل ڪري سمجهيو ويندو هو. ساڳي طرح، مصري باشندا گاڙهن ڏڪڻ کي، ٽائفون سان سندن مشابهت هڻڻ جي سبب ڪري قرباني لاءِ پيش ڪندا هئا، حالانڪ هي ڳالهه زياده ممڪن آهي ته دراصل انهن کي آن جي روح، اوسيرس، سان مشابهت هڻڻ سبب ذبح ڪيو ويندو هو. اسان ڏسي چڪا آهيون ته ڏکڻ آن جي روح جو هڪ عام نمائندو آهي ۽ ڪيس، انهيءَ حيثيت ۾ لاڙي واريءَ ٻنيءَ ۾ ذبح ڪيو ويندو آهي.

اوسيرس کي باقاعده طور ميمفس واري "اپيس". ڏڪڻ ۽ هيليئوپولس واري "منيوس" ڏڪڻ سان شناخت ڪيو ويندو هو. پر هيءَ ڳالهه طئي ڪرڻ مشڪل آهي ته ڇا اهي ڏڪا سندس اناج جي روح هڻڻ جي حيثيت ۾ اوسيرس جا نمائندا هئا، جيڪي سرخ ڏڪا نظر اچن ٿا، يا اهي پنهنجيءَ اصليت ۾ بلڪل جدا گانه حيثيت وارا مختلف ديوتائون هئا، جي بعد ۾ اوسيرس جي شخصيت ۾ تحليل ٿي ويا. سائنس ملي هڪ ٿي ويا. انهن بن ڏڪڻ جي پوڄا جي عالمي نوعيت ڪيترين رواجي مقدس جانورن ڪان، جن جون پوڄائون محض مقامي هيون، مختلف سطح تي رکندي معلوم ٿئي ٿي. پر اپيس جو اوسيرس سان اصلوڪو تعلق ڪٿي کهڙو به هجي، تڏهن به اول الذڪر جي متعلق هڪ اهڙي حقيقت موجود آهي، جنهن کي ديوتا کي قتل ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رسم جي باقاعده تفتيش ڪرڻ ۾ نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي، جيتوڻيڪ اپيس ڏڪي ڪي وڏي شان ۽ شوڪت ۽ انتهائي عزت ۽ احترام سان ديوتا جي حيثيت ۾ پوڄيو ويندو هو، آن جي باوجود ڪيس مقدس ڪتابن طرفان مقرر ٿيل عرصي کان وڌيڪ جيڪرو رهن ڪونه ڇڏيو ويندو هو ۽ انهيءَ عرصي جي ختم ٿيڻ تي ڪيس هڪ مقدس چشمي جي پاڻيءَ ۾ پوڙيو ويندو هو. انهيءَ عرصي جي حد، پلوٽارچ جي قول مطابق، پنجويهه سال هئي، پر انهيءَ حد تي هميشه عمل ڪونه ٿي سگهندو هوندو، ڇو ته جديد دور ۾ اپيس ڏڪن جون قبرون کوليون ويون آهن ۽ مٿانئن جيڪي ڪتبا تحرير ٿيل آهن، تن مان ڪتو پوي ٿو ته باويهين خاندان ۾ انهن مقدس ڏڪن مان، ڇويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين زنده هئا.

۵- **وربيئس ۽ گهوڙو:** اسين هينئر اهڙيءَ منزل تي اچي پهتا آهيون، جو هن روايت جي معنيٰ متعلق، ته اثريشيا وٽ "پيلي جي ديوتائي بادشاهن جي پهرين بادشاهه"، وربيئس، کي هپولا ئيٽس جي صورت ۾ گهوڙن ماريو هو، هڪ معقول قياس آرائيءَ ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهون ٿا. هيءَ حقيقت معلوم ڪري ته، پهريون، آن جي روحن جي گهٽو ڪري گهوڙن جي صورت ۾ نمائندگي ڪئي ويندي آهي ۽ ٻيو ته پوئين دور جي روايتن ۾ جنهن جانور کي ديوتا کي زخمي ڪرڻ لاءِ ذميدار ڄيو ويندو آهي، سو ذراصل ڪڏهن ڪڏهن خود ديوتا پاڻ هوندو هو. اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اهي گهوڙا، جن جي هٿان وربيئس يا هپولا ئيٽس قتل ڪيو ويو هو، سي در حقيقت سندس نباتات جي ديوتا هڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ هندس ئي شخصيت جا مظهر هيا. هن ڳالهه جو امڪان آهي ته هيءَ ڏند ڪٿا، ته هو گهوڙن جي هٿان قتل ٿيو هو، سندس پوڄا جي ڪن خصوصيتن، جن مان سندس پاڪ آستاني ۾ گهوڙن جي داخلا جي ممانعت هڪ هئي، سمجهائڻ لاءِ بعد ۾ ايجاد ڪئي ويئي هئي. جو ته ڏند ڪٿا تبديل ٿيندي رهندي آهي، ۽ رسم مستقل طور قائم رهندي آهي، ماڻهو ائين ئي ڪندا رهندا آهن، جيئن سندن ابن ڏاڏن ڪائن اڳ ڪيو هو، حالانڪ جن سببن ڪري سندن ابن ڏاڏن ائين ڪيو هو، سي گهڻو وقت اڳي فراموش ٿي چڪا آهن. مذهب جي تاريخ ۽ پراڻيءَ رسم ڪي عقل سان موافق بنائڻ ۽ هڪ نامعقول رسم لاءِ معقول سبب ڳولڻ جي هڪ طويل جدوجهد آهي. هن وقت اسان جي سامهون جيڪا ڳالهه زير غور آهي، تنهن ۾ اسان کي يقين رکڻ گهرجي ته ڏند ڪٿا رسم کان زياده جديد آهي ۽ آها گهوڙن کي مقدس هڻڻ يا خارج رکڻ جي اصلي سبب جي ڪنهن به صورت ۾ ترجمانڊگي نه ٿي ڪري. انهن جي اخراج مان هيءَ قياس ڪري سگهجي ٿو ته گهوڙا انهيءَ هڙيءَ جي ديوتائن جا مقدس جانور يا سندن شخصيتن جا مظهر ڪونه ٿيڻ ٿي سگهيا. پر اهو قياس اڀرو ٿيندو. ڪنهن زماني ۾ ڪري اڻينا جو مقدس جانور يا سندس شخصيت جو مظهر هو، جيئن ديويءَ کي ڪريءَ جي ڪل (ايڪيجيز) ۾ ملبوس ڏيکارڻ جي رسم مان معلوم ڪري سگهجي ٿو، ان جي باوجود ڪري، نه قانوني طور سندس مقدس جانور هئي، نه وري آن کي سندس عظيم آستاني، اٿينس واري اڪروپولس، ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت هئي. انهيءَ لاءِ سبب هيءَ ڏنو ويندو هو ته ڪريءَ زيتون جي وڻ کي نقصان پهچايو هو، جو اڻينا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديويءَ جو مقدس وڻ هو. هن وقت تائين، تنهن ڪري، ٻڪريءَ جو اڻينا سان تعلق، گهوڙي جي وربيئس سان تعلق جي متوازي آهي، جو انهن ٻنهي جانورن کي آستاني سان هن سبب ڪري خارج ڪيو ويو هو، جو انهن ٻنهنجن ديوتائن کي ضرر رسايو هو. پر "وئرو" اسان کي ٻڌائي ٿو ته انهيءَ قانون ۾ هڪ استثنا هئي، جنهن ٻڪريءَ کي ائڪروپولس کان خارج ڪيو هو. سال ۾ هڪ دفعو، هو چوي ٿو، ٻڪريءَ کي ضروري قرباني لاءِ ائڪروپولس ڏانهن نيون ويندو هو. هاڻي، جيڪڏهن اڳي ئي مٿي چيو ويو آهي، جڏهن ڪنهن جانور کي سال ۾ هڪ ۽ فقط هڪ ئي دفعو قربان ڪيو ويندو آهي، تڏهن ڪيس قربانيءَ جي جانور جي حيثيت ۾ ديوتا اڳيان پيش ڪرڻ ڪيو ويندو آهي، پر ڪيس خود ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته جيڪڏهن ٻڪريءَ کي سال ۾ فقط هڪ دفعو ائڪروپولس تي قربان ڪيو ويندو هو، ته ڪيس خود اڻينا جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويندو هو. ۽ هيءَ انوبان ڪري ٿو ته قربان ٿيل جانور جي ڪل ديويءَ جي مجسمي مٿان رکي ويندي هئي ۽ اها ئي "ايڪيجيز" هوندي هئي، جنهن کي هر سال اهڙيءَ ريت نوبنو ڪيو ويندو هو. ساڳيءَ ريت مصر ۾ ٽيبس وٽ گهيٽا مقدس سمجهيا ويندا هئا ۽ کين قربان ڪرڻ ڪيو ويندو هو. هر سال ۾ هڪ دفعو هڪ گهيٽو ذبح ڪيو ويندو هو ۽ مقدس چمڙو ائمن ڏيوتا جي مجسمي مٿان رکيو ويندو هو. جيڪڏهن اسان کي ائريشيا واري آستاني جي سائن سوڻن جي متعلق زياده خبر چار هجي ها، ته اسان کي هوند معلوم ٿئي ها ته اٽينس وٽ ائڪروپولس مان ٻڪرين کي خارج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکڻ جي قاعدي وانگر، ان مان گھوڙن کي خارج رکڻ جي قاعدي ۾ ٻه هر سال استثنيٰ ڪئي ويندي هئي ۽ سال ۾ هڪ دفعو هڙيءَ ۾ گھوڙو نيون ويندو هو، جنهن کي وريئس ديوتا جي شخصيت جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويندو هو. جنهن گھوڙي کي اهڙيءَ طرح قتل ڪيو ويندو هو، تنهن کي گھڻي وقت گذرڻ بعد، دستوري غلط فهميءَ سبب انهيءَ سوٽر وانگر، جو ڊيمٽر ۽ اوسيرس جي نالي ۾ قربان ڪيو ويندو هو، يا انهيءَ ٻکريءَ وانگر، جنهن کي ڊيئونيسس ۽ شايد اڀينا جي حضور ۾ قربان ڪيو ويندو هو، ديوتا جي دشمن شمار ڪرڻ جو امڪان پيدا ٿيندو هو ۽ جنهن کي انهيءَ ديوتا جي نالي ۾ قرباني‌ءَ طور پيش ڪيو ويندو هو، جنهن جي هٿان اهو زخمي ٿيو هو، تنهن ٻڌ مصنف لاءِ استثنيٰ تي توجه ڏيڻ کان سواءِ، ان جي قاعدي جو بيان ڪرڻ اهڙو ته آسان آهي، جو اسان کي ائريشيا واريءَ هڙيءَ جي قاعدي جو، اهڙيءَ استثنيٰ جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ، جنهن جو مون قياس ڪيو آهي بيان ٿيل ڏسي ڪو به تعجب ڪرڻ نه گھرجي. جيڪڏهن اسان وٽ اڀينائيس ۽ پلنيءَ جا فقط بيان ئي موجود هجن ها، ته اسان کي فقط انهيءَ قاعدي جو علم هجي ها، جنهن اڀينا جي حضور ۾ ٻکرين جي قرباني‌ءَ کي ممنوع قرار ڏنو هو. ڪين ائگروپولس ۾ داخل ٿيڻ کان محروم ڪيو هو. پر اسين انهي اهم استثنيٰ کان بي خبر هجون ها، جنهن کي "وئرو" جي تصنيف، جا خوش قسمتيءَ سان محفوظ رهندي آئي آهي، اسان تي هويدا ڪيو آهي.

۽ اهو انومان، ته ائريشيا واريءَ هڙيءَ ۾ سال ۾ هڪ دفعو هڪ گھوڙي کي هڙيءَ جي ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان ڪيو ويندو هو، گهوڙي جي ساڳيءَ قرباني ۾ ان، جا هر سال روم ۾ ڏني ويندي هئي، ڪجهه تقويت حاصل ڪري رهيو آهي. هر سال آڪٽوبر جي پندرهين تاريخ تي "مريخ ديوتا جي" تي رٿن جي ڊوڙ جو هڪ مقابلو ڪيو ويندو هو. گهوڙن جي ڪاميابي ٽيندڙ ٽولي ۾ جي ساڄي هٿ واري گهوڙي کي نيزو هڻي "مريخ" ديوتا جي حضور ۾ پلن فصلن حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ قربان ڪيو ويندو هو. سندس سسي وڌي آن کي مانين جي هڪ هار سان سينگاريو ويندو هو. ان کان پوءِ ٻن محلن، — "مقدس راه" ۽ "سبورا" — جا باشندا انهيءَ سسيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان ڇڪا ڇيڙي ڪندا هئا. جيڪڏهن "مقدس راه" وارا انهيءَ کي حاصل ڪندا هئا تہ اهي ان کي بادشاهه جي گهر جي ديوار تي هڏي چڏيندا هئا، جيڪڏهن "سبورا" محلي جا ماڻهو کيس حاصل ڪندا هئا، تہ اهي انهيءَ سسيءَ کي "مقميلين ٽاور" تي هڏي چڏيندا هئا. گهوڙي جو پڇ وڍيو ويندو هو، ان کي اهڙيءَ تيز رفتاريءَ سان بادشاهه جي گهر پهچايو ويندو هو، جو آن جو رت بادشاهه جي گهر جي چلهه تي ٽڙندو هو. ازانسواءِ ائين نظر اچي رهيو آهي تہ گهوڙي جو رت ڪنو ڪيو ويندو هو، ايڪويهين اپريل تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جڏهن "ويستال ديويءَ جون ڪنواريون" آن کي اڻ چاول ڳاهن جي رت سان ملائيندڙون هيون، جن کي ڇهه ڏينهن پيشتر قربان ڪيو ويو هو. اهو مرڪب، پوءِ ريڍارن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو، جي آن کي پنهنجن ڍڳن کي ڏوپ واسڻ ڏيڻ لاءِ ڪتب آڻيندا هئا.

هن رسم ۾ گهوڙي جي سسيءَ جو مانين جي هار سان سينگارجڻ، قرباني جو مبينه مقصد، يعني پلو فصل حاصل ڪرڻ، هن ڳالهه طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارو ڪري رهيا آهن تہ گھوڙي ڪي آنَ جي روح جي انهن مختلف حيواني نمائندن وانگر قتل ڪيو ويندو هو، جنهن جا اسان کي گھٽيئي مثال ملي چڪا آهن. گھوڙي جي بچ کيَ وڍڻ جي رسم، سڻي فصل حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاندن جي پڄن ۽ ڪين قربان ڪرڻ جي آفريڪي رسم وانگر آهي. روسي ۽ آفريڪي ٻنهي رسمن ۾ ظاهر آهي، جانور آنَ جي روح جو نمائندو آهي ۽ سندس آباد ڪرڻ جي قوت کي خاص طور سندس پڄ ۾ تقسيم سمجهيو وڃي ٿو. اهو پويون نظريو، جيئن اسان ڏسي آيا آهيون، يورپ جي لوڪ-ڪٿا ۾ پڻ واقع ٿيل ٿو. وري، موسم بهار ۾ چوپائي مال کي گھوڙي جي رت سان ڏوپ واس ڏيڻ جي رسم کي گھوڙن کي بهارَ جي سند ۾ "پوڙهي زال"، "ڪنواري" يا "ڪلياڻ" سڻي يا چوپائي مال کي ناتال جي موقعي تي ڪارائڻ ۽ هر وارن ڏڪڻ يا گھوڙن کي بهار جي موسم ۾ "يول-سوئر" ڪائڻ لاءِ ڏيڻ جي رسم سان مشابهت ڏيئي سگھجي ٿي. انهن سڀني رواجن جو مقصد آنَ جي روح جون گھر تي ۽ گھر وارن لاءِ دعائون ۽ رحمتون حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي ٻئي سال لاءِ محفوظ رکڻ جو آهي.

روم وارن جيَ آڪٽوبر جي گھوڙي واري رسم، جيئن ان کي سڏيو ويندو هو، اسان کي انهيءَ اوائلي دور ڏانهنَ پٺتي ڪٽي وڃي ٿي، جڏهن "سبورا"، جو بعد ۾ انهيءَ عظيم دارالحڪومت جو نشيبي ۽ افلاس زده علائقو هيو، اڃا هڪ علحده ڳوٺ هو، جنهن جا باشندا پنهنجي پاڙيسرين، روم جي باشندن سان، جو انهيءَ زماني ۾ اڃا هڪ ديهاتي شهر هو، لاباري وارين ٻنين ۾ دوستانہ مقابلو ڪندا هئا. "سريخ جي ٻني"، جنهن تي اهل رسم ادا ڪئي ويندي هئي، ٽائبر درياه جي پاسي ۾ هئي ۽ اها بادشاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور حڪومت جي خاتمي تائين بادشاهي علائقي جو هڪ حصو هئي. چوتہ هيءَ روايت مشهور هئي تہ جڏهن آخرين بادشاه کي روم مان تڙي ڪڍيو ويو، تڏهن درياه جي پاسي وارين شاهي بنين ۾ آن بلڪل پڪل ٻيلي هو، جو ڏاڻي جي انتظار ۾ هو، ۽ انهيءَ منحوس آنَ کي ڪائي لاءِ ڪوبہ آماده ڪونہ ٿيو ۽ انهيءَ آنَ جا ايترا تہ وڏا ڏير درياه ۾ اڇلايا ويا، جو گرهيءَ سبب درياه جي پاڻيءَ جي لڙل حالت سبب، اهو آنُ هڪ جزيري جو مرڪز ٻڌجي پيو. گهوڙي جي قرباني اهڙيءَ طرح موسم خزان جي هڪ رسم هئي، جا لاباري جي اختتام وقت بادشاهي بنين تي ادا ڪئي ويندي هئي. گهوڙي جو پڇ ۽ سنڊس رت، جي آنَ جي روح جي نمائندي جا ٻڌي حصا سمجهيا ويندا هئا، بادشاه جي گهر پهچايا ۽ اتي رکيا ويندا هئا. جهڙيءَ طرح جرمنيءَ ۾ لاباري جو ڪڙ گهر جي ٽڪنڊيءَ ڇت جي ڪنڊ هيٺان ميخ سان کوڙيو ويندو هو ۽ جهڙيءَ طرح اسڪاٽلينڊ جي مٿانهن پٽن ۾ ڪڙمي "ڪنواريءَ" جي صورت ۾ آخرين ڪٻيءَ کي گهر ڪٽي. ويندا آهن ۽ ڪيس آتش‌دان، مٿان رکندا آهن، اهڙيءَ طرح آنَ جي روح جي برڪت بادشاهه جي گهر آندي ويندي هئي ۽ انهيءَ جي ذريعي اها قوم جي بين ماڻهن تائين پهچائي ويندي هئي، جنهن جو هو سربراه هو. ساڳيءَ ريت، اتر يورپ جي موسم بهار ۽ موسم خزان واريين رسمن ۾، "مي - پول" کي ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ علائقي جي ميڙ يا برگوماسٽر جي گهر جي سامهون کوڙيو ويندو آهي ۽ ڪوٺ جي سربراه جي حيثيت ۾ آخرين ڪٻي ڏانهنس آندي ويندي آهي. ۽ جيڪڏهن گهوڙي جو پڇ ۽ رت بادشاهه جي حصي ۾ ايندو هو، تہ پاسي واري سبورا ڪوٺ وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي، جن وٽ ڪنهن وقت پنهنجي ۾ اهڙي الڳ رسم ادا ڪيندي هئي، راضي ڪرڻ لاءِ ڪين گهوڙي جي مسي حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلي جي اجازت ڏني ويندي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته مئميلين ڪاور، جنهن تي سبورا جا باشندا گهوڙي جي مسي جيتي ڪٽي وڃڻ کان پوءِ لٽڪائي ڇڏيندا هئا، مئميلين خاندان وارن جو، جيڪي گهوٽ جا وڏا ماڻهو هئا، هڪ ڪنڊو ڇورس ڪنارو يا گهر هو. بادشاهه جي پنهين تي ۽ سندس گهر ۾ جا اها رسم سڄي شهر ۽ پرواري گهوٽ طرفان اهڙيءَ طرح ادا ڪئي ويندي هئي، تنهن ڪري ٿو ته ڪو وقت اهڙو به هو، جڏهن هر هڪ شهر پنهنجين پنهنجين پنهين تي اهڙي رسم ادا ڪندو هو. لاطيني علائقي جي ديهاتي ضلعن ۾ واقع گهوٽن مان هر هڪ انهيءَ رسم جي ادائگي جو سلسلو شايد انهيءَ وقت ڪان پوءِ به جاري رکيو هو، جڏهن رومي گهوٽن جي باشندن پنهنجن لاڀارين وارن گهرن کي ملائي، انهيءَ رسم کي گڏجي هڪ ئي وقت بادشاهه جي پنهين تي ادا ڪرڻ شروع ڪيو هو. هن انومان ۾ کو ذاتي غير امڪانيءَ جو جز ڪونهي ته روم واري "مريخ جي پنيءَ" وانگر، ائريشيا جي مقدس هڙيءَ ۾ شايد لاڀاري جي مشترڪ جشن جي جاءِ هئي، جتي آس پاس جي گهوٽن پاران ساڳئي قسم جي وحشي سائن سوڻن سان گهوڙو قربان ڪيو ويندو هو. گهوڙو پنهيءَ وٽن "ءِ آن" جي آباد ڪندڙ روح جي نمائندگي ڪندو هو، جو ته اڃي پئي نظريا، جيئن "انيين هارويسٽ- سئي" جهڙيءَ رسم ۾ ڏسي رهيا آهيون، هڪ پئي ۾ تحليل ٿي، هڪ ٿي وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجاهون

ديوتا کي کائڻ

۱- **پهرين ميون جو تبرڪ:** اسان ڏٺو آهي تہ آن جي روح جي ڪڏهن ماڻهوءَ ۾ ڪڏهن جانور جي صورت ۾ نمائندگي ڪئي ويندي آهي ۽ ٻنهي حالتن ۾ ڪيئن سندس نمائندن جي شخصيت ۾ قتل ڪيو ۽ تبرڪ طور کاڌو ويندو آهي. آن جي روح جي انساني نمائندن کي سچ پچ قتل ڪرڻ جي مثالن کولڻ لاءِ اسان کي فطرتي طور وحشي قبيلن ڏانهن وڃڻو پوي. پر اسان جي يورپي هارين جي لاباري وارين دعوتن، آن جي روح جي نمائندن جي حيثيت ۾ جانورن جي تبرڪ طور کائڻ متعلق اسان کي اهڙا مثال مهيا ڪيا آهن، جن جي باري ۾ ڪابہ غلط فهمي ممڪن ناهي. پر ان کان علاوه، جيئن اڳي ئي خيال ڪيو ويو هوندو، خود نئين آن کي بہ بطور تبرڪ، يعني آن جي روح جي جسم طور، کاڌو ويندو آهي. سئيڊن ۾، ورم لئنڊ وٽ زميندار جي عورت آن جي پوئين ۽ ستين جي ڏاڻ کي هڪ اهڙي نان پچائي ۾ صرف ڪندي آهي، جنهن جي صورت نندڙين ڇوڪرين جهڙي هوندي آهي. اهو نان گهر جي سڀني ڀاتين ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي، جي ان کي کائيندا آهن. هتي اهو نان آن جي روح جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جو تخيل ڪنواري ڇوڪرين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ بلڪل اهڙي نموني ۾ ڪيل ٿئي ٿو، جيئن اسڪاٽلنڊ ۾ آنَ جي روح جو ساڳيءَ طرح تخيل ڪيو ويندو آهي ۽ جتي عورت جي صورت ۾ ناهيل، ۽ "ڪنواريءَ" جي نالي جي حامل آخرين ستي، سندس نمائندگي ڪندي آهي. دستور موجب آنَ جي روح کي آخرين ستيءَ اندر ڪير سمجهيو ويندو آهي، ۽ اهڙو نان ڪائن، جيڪو آخرين ستيءَ جي آنَ منجهان ڪهيل هجي، انهيءَ ڪري خود آنَ جي روح کي ڪائن آهي. ساڳيءَ طرح فرانس جي لاپئلسي علاقي ۾، ڪوٽل اڻي سان ڪهيل ماڻهو "فر" وڻ تي لٽڪايو ويندو آهي، جنهن کي لاباريَ جي آخرين گاڏي تي رکيو نيون ويندو آهي. اهو وڻ ۽ اڻي جو ماڻهو شهر جي ميئر جي گهر پهچايا ويندا آهن، جتي اهي تيسين رکيا ويندا آهن، جيسين انگور جو فصل لهي. پوءِ لاباري جو اختتام هڪ دعوت ڏيڻي ملهايو ويندو آهي، جنهن تي ميئر آڻي جي ماڻهوءَ کي پڇي ۽ ذرو ذرو ڪري ماڻهن کي ڪائن لاءِ ڏيندو آهي.

انهن مثالن ۾ آن جي روح جي نمائندگي انساني صورت ۾ ڪئي وڃي ٿي ۽ انهيءَ صورت ۾ ڪيس ڪاڏو وڃي ٿو. پين حالتن ۾ جيتوڻيڪ نئين آنَ کي انساني صورت ۾ نه پڃايو ويندو آهي، آن جي باوجود جن سنجيده رسمن سان انهيءَ کي ڪاڏو ويندو آهي، سي هن ڳالهه جي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته آن کي بطور تبرڪ، يعني ڪيس آنَ جي روح جو جسم سمجهي، ڪاڏو ويندو آهي. مثال طور، نئين آنَ ڪائن وقت لٽوائنيا جا هاري هيٺيون رسمون ادا ڪندا هئا. سرءَ جي فصل پوکڻ وقت، جڏهن سڄو آنَ لڏجي ايندو هو ۽ ڳاهه شروع ڪيو ويندو هو، تڏهن هر هڪ زميندار هڪ تقريب منعقد ڪندو هو، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سباريوز" سڏيو ويندو هو، جنهن جو مطلب "ڪڍڻ يا ڪڍي اڇلائڻ" هوندو هو. زميندار هرهڪ فصل ـ ڪڻڪ، جَوَن، اوٺس، فلڪس، دالين وغيره ـ مان نَوَ وڏا ٻڪ پري، منجهانئن هرهڪ کي ٽن ٽن حصن ۾ تقسيم ڪندو هو. هر هڪ آنَ جا اهي ستاويهه حصا، پوءِ هڪ ڊير تي اڇلايا ويندا هئا ۽ سيني کي خوب ڳڏيو ويندو هو، انهيءَ مقصد لاءِ جيڪو آنُ استعمال ڪرڻو هو، سو اهو هڏن ڳهريو هو، جنهن کي سپ ڪان ٻهريائين ڳاهيو ۽ وائرايو ويو هو ۽ جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ اڳواٽ ئي عليحده ڪري رکيو ويو هو. انهيءَ طريقي سان جيڪو آنُ ڳڏيو ويندو هو، تنهن جي ڪجهه حصي کي هر هڪ گهر ڀڻيان هڪ جي حساب سان، ننڍن نانن پڇائڻ ۾ استعمال ڪيو ويندو هو، باقي حصي کي وڏيڪ جَوَن يا اوٺس سان ملائي، منجهانئس بيئر ٺاهيو ويندو هو. انهيءَ گاڏڙ سادڙ انَ منجهان جيڪو ٻهريون بيئر ٺهندو هو، سو زميندار، سندس زال ۽ پارن جي ٻيئڻ لاءِ هوندو هو، ٻيو دفعو جيڪو بيئر تيار ٿيندو هو، سو نوڪرن چاڪرن لاءِ هوندو هو. جڏهن بيئر ٺهي راس ٿيندوهو، تڏهن زميندار کا اهڙي شام منتخب ڪندو هو، جنهن تي ڪنهن غير آدميءَ جي اچڻ جي توقع ڪانه هوندي هئي. پوءِ هو بيئر جي ٻپ اڳيان جهڪي، منجهانئس بيئر جو هڪ برتن پري ڏيندو هو ۽ آن کي ٻپ جي ٻوچ وٽ ڏرتيءَ تي هاري، هيئن چوندو هو، "او بهره ور زمين، رائيءَ ۽ جَوَن ۽ آنَ جي سڀني قسمن کي جڏهي مقدار ۾ آيار". پوءِ هو اهو برتن اندرين ڪمري ڏانهن ڪڍي ويندو هو، جتي سندس زال ۽ پار هن جيءَ انتظار ۾ ويٺا هوندا هئا. ڪمري جي فرش تي هڪ ڪارو يا اڇو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپرو (ڪاڙهو نر) ڪڪڙ ۽ ساڳئي رنگ ۽ ساڳئي ٿي ولر جي هڪ ڪڪڙ بدّل بيٺا هوندا هئا، جي انهيءَ ئي سال جي دوران ۾ آنڊن مان ڦٽي نڪتا هوندا. پوءِ زميندار، بيئر جو برتن هٿ ۾ جهلي سجدو ڪندو هو ۽ سڀ فصل لاءِ خدا جو شڪرانو بجا آڻيندو هو ۽ آئينده سال جي پلي فصل لاءِ دعا ڪندو هو. پوءِ سيئي پاتي پنهنجا هٿ مٿي ڪٽي هيٺ چوندا هئا، "اي خدا، ۽ تون، اي زمين، اسين اوهان کي هيءَ ڪڪڙ ۽ هيءَ ڪڪڙ پنهنجيءَ دل جي خوشيءَ سان نذراني طور پيش ڪا ڪريون." ائين چوڻ سان زميندار پنهي پکين کي، ڪاڪ جي چمچي سان ڏڪ ٽوڪي ماريندو هو، ڇو ته ڪيس انهن جون ڇڇيون لاهيون نه هيون. پهرينءَ دعا، ۽ پنهي پکين سان هر هڪ کي مارڻ کان پوءِ، زميندار بيئر منجهان ٽيون حصو هر دفعي اوتيندو ويندو هو. پوءِ سندس زال انهن پنهي پکين کي هڪ ٿانءَ ۾، جا اڳ ڪڏهن ب استعمال ڪيل ڪانه هوندي هئي، ڀڙڪائيندي هئي. آن کان پوءِ هڪ موڙو، جنهن جو ترو مٿي ڪيو ويندو هو، زمين تي رکيو ويندو هو ۽ آن جي مٿان اهي ننڍڙا نان، جن جو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ۽ جوش ڏنل پکي رکيا ويندا هئا. آن کان پوءِ وري ٿوڻ ٿاهيل بيئر آندو ويندو هو، جنهن سان گڏ ڪائيءَ جو هڪ اونهو چمچو ۽ ٽي ڪونجا آندا ويندا هئا، جي انهيءَ موقعي کان سواءِ، ٻئي ڪنهن وقت استعمال ڪونہ ٿيا هوندا هئا. جڏهن زميندار ڪائيءَ جي چمچي سان بيئر ڪڍي انهن ڪونجن ۾ پريندو هو، تڏهن سڄو خاندان انهيءَ موڙي جي چوڪرد گوڏن پر جهڪندو هو. پوءِ پيءُ هڪ دعا پڙهندو هو ۽ بيئر جا ٽيئي ڪونجا هڪ گيت سان پي ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا پاتي ۽ سندس مثال وٽي آئين ڪندا هئا. پوءِ نان ۾ پڪين جو گوشت ڪاڏو ويندو هو ۾ هڪ دفعو وري ٻيهر ٻيڙ جو جام ڦرندو هو، تانجو سيني ۾ پاتين مان هرهڪ ڇٽو ٽيئي ڪونجا نو نو دفعا پي، پورا ڪندو هو. ڪاڏي مان ڪو ذرو نہ بچائڻو هو، پر جيڪڏهن منجهانئس ڪا شيءِ باقي رهجي ويندي هئي، تہ اُن کي ٻئي ڏينهن صبح جو ساڳين رسمن جي ادائگيءَ سان ڪائي ڪپائڻو هوندو هو. هڏا ڪتي کي ڪائڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا. جيڪڏهن اهو سيئي هڏا نہ ڪائيندو هو، تہ باقي بچيل هڏن کي چوپائي مال جي واڙي ۾ ڇيٽي هيٺان دفن ڪيو ويندو هو. اها رسم ڊسمبر مهيني جي آغاز ۾ ادا ڪئي ويندي هئي ۽ جنهن ڏينهن اها ادا ڪئي ويندي هئي، تنهن ڏينهن ڪوبہ ٻرو ٻلو لفظ ڪونہ ڳالهائڻو هو.

اها هئي رسم، جا ٻہ سو يا اُن کان وڌيڪ سال اڳ ادا ڪئي ويندي هئي. اڄ ڪالهہ لٽوئانيا ۾ جڏهن نئين فصل جا ٻڌاتا يا نئين آن مان ناهيل نان ڪاڏا ويندا آهن، تڏهن جيڪي ٻہ ماڻهو ميز تي جمع هوندا آهن، سي هڪ ٻئي جا وار ٻڌيندا آهن. انهيءَ پوئين رسم جي معنيٰ جو ڪوبہ علم ڪونهي، پر بت پرست لٽوئاني ٻاشندا يقيناً هڪ اهڙي ئي رسم پنهنجين قربانين وقت ادا ڪندا هئا. اوئيسيل ٻيٽ ۾ آباد ايسٽوني نسل جي ٻاشندن منجهان اڪثر، نئين آنَ مان پڪل مانيءَ کي تيسين ڪونہ ڪائيندا آهن، جيسين اُن کان پيشتر اهي ڪنهن لوهم جي ٽڪر کي چڪ نہ وجهندا آهن. هن حالت ۾ لوهم يقيني طور جادوءَ جو هڪ ٽوٽو آهي، جنهن جو مقصد آنَ اندر مقيم روح کي بي ضرر بنائڻ جو آهي. مدرلنڈ شايرہ، اڄ ڪالهہ ٻہ جڏهن پٽاٽن کي زمين مان کوٽي ڪڍيو ويندو آهي، تڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي ڪتب کي انهن کي چڪٽو هوندو آهي، نہ تہ "آنهن (پٽاڻن) اندر جيڪي روح موجود هوندا آهن، سي رنج ٽيندا آهن ۽ پٽاڻا محفوظ نہ رهي سگهندا آهن"۔ يارڪ شاير جي هڪ حصي ۾ اڃا تائين هيءَ رسم آهي تہ مقامي پادريءَ کي پهريون آن پنهنجن هٿن سان وڍڻو پوندو آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ سون کي اهو اطلاع پهچايو آهي، تنهن کي يقين آهي تہ اهڙي طريقي سان وڍيل آنَ سان مقدس روڻي لاهي ويندي آهي۔ جيڪڏهن انهيءَ رسم جي پوئين حصي جي خبر صحيح ڏنل آهي، (۽ مشابهت رکندڙ سيئي مثال ان ڳالهہ جي حق ۾ آهن) تہ پوءِ هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي رهي آهي تہ عيسائي مذهبي برادريءَ هڪ اهڙي مقدس رواج کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏيو آهي، جو بلاشڪ و شبهہ خود عيسائيت کان گهڻو قديم آهي۔

جپان جي "ائنو" يا "ائنو" قوم وارن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي مختلف قسمن جي مڙن کي نر-يا ماديءَ جي صورت ۾ سمجهندا آهن ۽ انهن سڀني قسمن کي گڏي، "ديوتائي مڙس ۽ زال اناج"۔ (اموريڪ هارو ڪاموئي) سڏيو ويندو آهي۔ "چنانچہ مڙن کي عام استعمال لاءِ ڪٽڻ ۽ ماڻين جي صورت ڏيڻ کان اڳ، پوڙها ماڻهو انهن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چند نان اکوات ٺي پنهنجي لاءِ ٺهرائيندا آهن۔ جڏهن اهي تيار ٿي ويندا آهن، تڏهن اهي ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان انهن کان هيءَ دعا پنندا آهن، "اي تون اناج جا ديوتا، اسين تنهنجي پوڄا ڪريون، تون هن سال تمام چڱيءَ طرح اپريو آهين ۽ تنهنجي خوشبوءِ مٺي ٿيندي۔ تون چڱو آهين۔ باهر جي ديوي تمام خوش ٿيندي ۽ اسين سيئي پڻ ڏاڍي خوشي ڪنداسين۔ اي تون ديوتا، اي تون ديوتائي اناج،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرباني ڪري ٿون ماڻهن کي پالجانءِ. آءٌ هيٺر تو کي ڪائان ٿو. آءٌ تنهنجي پوڄا ڪريان ٿو ۽ تنهنجي شڪر گذاري ڪريان ٿو. اهڙي طرح دعا پڙهڻ کان پوءِ، اهي، يعني پوڄاري، نان ڪٽي ڪائيندا آهن ۽ انهيءَ وقت کان پوءِ سڀئي ماڻهو مٽرن جي نئين فصل کي کائي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح نياز ۽ نڏر جي گهٽن اشارن ۽ دعا جي لفظن سان انهيءَ قسم جو ڪاڏو "اٽو" قوم جي پلائيءَ لاءِ اربن ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اناج جي نذراني کي ديوتا جي حضور ۾ پيش ڪيل تعريف سمجهيو ويندو آهي، پر اهو ديوتا خود انهيءَ اناج جي بچ کان علاوه پيبو ڪوبه ناهي، ۽ اهو فقط انهيءَ حد تائين ديوتا آهي، جيستائين اهو انساني جسم لاءِ مفيد آهي."

ايست انڊيز جي "بورو" نالي هڪ ٻيٽ ۾، جانورن جي لاباري جي ختم ٿيڻ وقت، هر هڪ قبيلو هڪ متبرڪ مشترڪ دعوت تي اچي جمع ٿيندو آهي، جنهن ۾ قبيلي جو هر هڪ فرد نون جانورن مان ٿورو مقدار ويسيءَ ۾ ڏيڻ لاءِ بدل هوندو آهي. انهيءَ ڪاڏي کي "جانورن جي روح کي ڪائڻ" سڏيو ويندو آهي، جو هڪ اهڙو نالو آهي، جنهن مان انهيءَ ڪاڏي جي متبرڪ نوعيت جو ثبوت ملي رهيو آهي. جانورن مان ڪجهه حصو جدا ڪيو ويندو آهي ۽ اهو روحن کي آڇيو ويندو آهي. سيليبس ۾، مناهسا جي آلفور قبيلي وارن ۾، سندن پوڄاري ٻنيءَ ۾ جانورن جو پهريون ڀڄ پوکيندو آهي ۽ اهو ئي پهريان پڪل جانور ڏيندو آهي. اهي جانور هو ياهم تي پچائيندو ۽ کين ڪاڏي جي صورت ۾ پيسيندو آهي، جنهن کان پوءِ هو انهن منجهان ڪجهه حصو هر هڪ گهر کي ڏيندو آهي. بولانگ مونگونڊو ۾، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيليبس جو هڪ ٻيو ضلعو آهي، جانورن جي لاباري کان ٿورو ئي اڳيرو، هڪ ننڍڙي سوئر يا پکيءَ جي قرباني ڪئي ويندي آهي. ٻوءِ پوڄاري پهريائين پنهنجيءَ، ۽ ٻوءِ پنهنجن همسائين جي ٻنين مان ٿورا جانور لٽيندو آهي. انهيءَ طريقي سان لٽيل سڀني جانورن کي هو پنهنجن جانورن سان گڏ خشڪ ڪندو آهي ۽ بعد ۾ انهن کي هو پنهنجن پنهنجن مالڪن کي ڏيندو آهي، جي انهن کي پيسائي ڇڪائيندا آهن. جانور جڏهن ڇڪي ويندا آهن، تڏهن عورتون انهن کي ڪڙ جي هڪ آني سان گڏ واپس پوجاريءَ ڏانهن ڪٽي ويندڙون آهن، جو آني جي قرباني پيش ڪندو آهي ۽ جانور انهن عورتن کي موڪلائي ڏيندو آهي. انهن جانورن مان خاندان جي هرهڪ ڀاتيءَ، حتيٰ ڪ ننڍي کان ننڍي ٻار تائين، سڀني کي ڪاٽو پوندو آهي. انهيءَ رسم جي پوري ٿيڻ بعد، هرهڪ جانورن جي قصل کي گهر آڻڻ لاءِ آزاد هوندو آهي.

ڏکڻ هندستان ۾، نيگلري ٽڪرين جي "بر گهر" يا ٻڌاگا نالي هڪ قبيلي ۾، آن جي ڀرين مٿ "ڪوروبر" پوکيندو آهي ۽ لاباري وقت ڀرين سڀي به اهو ئي لٽيندو آهي، جو هڪ ٻئي قبيلي جو ماڻهو هوندو آهي ۽ جنهن جي ماڻهن کي "بر گهر" قبيلي وارا جادوگر سمجهندا آهن. ڀرينءَ سڀيءَ جي آن کي "انهيءَ ئي ڏينهن پيسي الو ڪيو ويندو آهي، منجهانئس مانيون لاهيون ويندڙون آهن، جن کي ڀرين ميوي جي حيثيت ۾ نذراني طور پيش ڪرڻ کان پوءِ، قرباني ڪيل جانور جي باقي بچت سان گڏ "بر گهر" ۽ سندس خاندان جا سڀئي ڀاتي، گڏيل نذراني ۽ قرباني جي گوشت طور کائيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن." جنوبي هندستان جي اهندن ۾ ٿون جانورن کي کائڻ جو وقت، پونگول نالي خانداني خوشيءَ جو موقعو هوندو آهي. ٿون جانورن کي هڪ ٿئينءَ ڪنيءَ ۾ اهڙيءَ ٻاهه تي پڙکايو ويندو آهي، جا منجهند جي وقت اهڙي ڏينهن ٻاڙي ويندي آهي جڏهن هندو منجمن مطابق، سج جدي گهيري اندر داخل ٿيندو آهي. ڪنيءَ جي پڙکڻ کي سڄي خاندان وارا انتهائي فڪرمنديءَ سان جاچيندا رهندا آهن، چو ته جهڙيءَ طرح جانورن جو کير پڙکندو، اهڙيءَ طرح ايندڙ سال ٿيندو. جيڏهن کير تيزيءَ سان پڙکندو، تہ سال سڪر سٽائيءَ وارو ٿيندو، پر جيڏهن کير آهستي پڙکندو ٿہ ان جو ابتو نتيجو نڪرندو. پڙکيل ٿون جانورن مان ڪجهہ حصو گنپتي ديوتا جي بت اڳيان نذراني طور پيش ڪيو ويندو آهي، پوءِ اُن مان هر هڪ کائيندو آهي. اتر هندستان جي ڪن علائقن-۾ ٿئين فصل جي ميلي کي "نوان"، يعني "نئون آن" سڏيو آهي. جڏهن انُ پڇي راس ٿيندو آهي، تڏهن مالڪ فال ڪڍائيندو آهي، ٻنيءَ ڏانهن ويندو آهي، موسم بهار جي فصل مان، جوَن جا پنج يا ڇهہ سنگ، ۽ سرءَ جي لاڀاري مان مڙن جو هڪ سنگ، پٽيندو آهي. اهي سنگ گهر آڻندا ويندا آهن ۽ ڪين ٻاهه تي سيکي، منجهس ڳڙ، مکڻ ۽ ڏهي ملائي ويندي آهي. انهيءَ مان ڪجهہ حصو ڪوٺ جي ديوتائن ۽ مٽل ابن ڏاڏن جي نالن ۾ ٻاهه ۾ اڇلايو ويندو آهي، باقي ٻيو سڄو حصو گهر جا ماڻهو کائيندا آهن.

نائجر درياهه تي اونيتشا وٽ، ٿون *"يئمس" کي کائڻ جي

---

* خط استوا جي ويجهڙائيءَ واري ملڪن جو هڪ لذيذ ميوو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم جو هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: "هر هڪ سردار ڇهه "يئم" ميوا ڪڍي آيو ۽ ڪجين جي پٽن واريون ڪڇڙيون شاخون وڍي، آهي پنهنجي دروازي اڳيان رکيائين، ڏن "يئم" ميون کي پچايائين ۽ ڪجهه ميوو ۽ مڇي ۽ آندائين. يئم جي، پڇ ڪان پوءِ، "لبيا"، يعني ڪوڙاڙو حڪيم، اهو يئم ڪڍي، ڪيس ڪرڙي، هڪ قسم جي ڪاڏي ۾ تبديل ڪري، ۽ ان ڏن ۾ تقسيم ڪندو آهي، پوءِ اهو هڪ ٽڪر ڪڍي انهيءَ ماڻهوءَ جي چپن تي رکندو آهي، جيڪو نئون "يئم" ڪائڻ وارو هوندو آهي. ڪائڻ وارو "يئم" مان نڪرندڙ ٻاڦ کي ڏوکون ڏيئي اڏائي ڇڏيندو آهي، جنهن ڪان پوءِ اهو سچي ٽڪر کي وات ۾ وجهي ڇڏيندو آهي ۽ هيئن چوندو آهي، "نئين يئم ڪائڻ جي اجازت ملڻ لاءِ آءٌ خدا جو شڪر ڪري رهيو آهيان" ۽ پوءِ هو ان کي مڇيءَ سان گڏ ڏاڍي مزي سان چٻاڙڻ شروع ڪندو آهي."

برٽش ايسٽ افريڪا جي "نندي" قبيلي وارن ۾، جڏهن خط استوائي گاه ۾ جمندڙ آن سوسم خزان ۾ پڇ وارو هوندو آهي، تڏهن هر هڪ عورت، جنهن وٽ ٻني هوندي آهي، پنهنجين ڏيئرن سميت اوڏانهن ويندي آهي ۽ اهي سڀئي گڏجي پڪل آن مان ڪجهه پٽيندڙون آهن. عورتن مان هر هڪ ڇڻي پوءِ هڪ داڻو پنهنجي هار ۾ وجهندي آهي ۽ پيو وات ۾ چٻاڙيندي آهي، جنهن کي وري اها پنهنجيءَ پيشانيءَ، ڳچيءَ ۽ ڇاتيءَ تي ملينديءَ آهي. خوشيءَ جو ڪوبه نشان منجهن نظر ڪونه ايندو آهي، مغموم حالت ۾ آهي نئين آن جو هڪ ٽوڪرو پٽيندڙون آهن ۽ ان کي گهر ڪڍي وڃي، سڪ لاءِ ڪوبه تي رکندڙون آهن. جيئن تم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏن گهرن جڙن چتيون ڪکن پٽن جون هونديون آهن ، ان ڪري آن جي ذاڻن جو ڪافي حصو چيرن تائن هيٺ باهم ۾ ڪرڻي پوندو آهي ، جڏهن اهي ذاڻا وڏي آواز سان ڦاڻي پوندا آهن . انهيءَ افراط کي روڪڻ لاءِ اتان جا ماڻهو ڪابه ڪوشش ڪانه ڪندا آهن ، چو ته اهي باهم ۾ سڙندڙ آن جي آواز کي هن ڪالهه جي نشاني سمجهندا آهن ته موڻن جا ارواح اهي ذاڻا کائي رهيا آهن . ٻورا ڏينهن پوءِ ٽئين آن مان پٽ ڪاهيو ويندو آهي ، جو شام جي ڪاڏي وقت ڪير سان گڏ ڪائڻ لاءِ ماڻهن کي ڏنو ويندو آهي . خاندان جا سڀئي ڀاتي پٽ مان ٺورو حصو ڪٽي ، آن کي جهوپڙين جي ديوارين ۾ ڇڪين تي ٽڪي ڇڏيندا آهن . ان کان علاوه ، اهي ڪجهه پٽ پنهنجن واتن ۾ وجهي ، ڪيس مشرق جي طرف ، جهوپڙين جي باهرين حصي ٿي ٽڪي ڇڏيندا آهن . پوءِ گهر جو وڏو ڀاتي ، ڪجهه آن هٿ ۾ مٽي جهلي ، صحت ۽ طاقت لاءِ خدا کان دعا گهرندو آهي ۽ ساڳيءَ طرح گهٽيءَ کير ملڻ لاءِ به دعا ڪندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو اتي موجود آهن ، تن مان هرهڪ سندس ٻيان دعا جا اهي الفاظ دهرائيندو ويندو آهي .

نٽال ۽ زولو لئنڊ جي ڪافر قبيلي ۾ ، ڪوبه ماڻهو تيسين ڀهريان ميوا نه ڪائيندو آهي ، جيسين هڪ ميلو نه ٿيندو آهي ، جو ڪافر قبيلي وارن جي نئين سال جي شروعات وقت منعقد ڪيو ويندو آهي ، جو ڊسمبر جي آخر ڌاري يا جنوريءَ جي شروعات ۾ ايندو آهي . سڀئي ماڻهو بادشاهه جي محلات ۾ جمع ٿيندا آهن ، جتي اهي خوب نچندا ۽ دعوتون ڪائيندا آهن . جدا ٿيڻ کان اڳ "ماڻهن جي اڀرڻ ٿيڻ" جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي . زمين جا مختلف ميوا ، جهڙوڪ آن ، ڪائيءَ جا سنگن ۽ ڪدو ، قربان ٿيل جانور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گوشت ۽ "درا" سان گڏ وڌين ديگين ۾ رکي، کاڙهيا ويندا آهن. ۽ خود بادشاهه انهيءَ کاڌي مان ٿورو ٿورون هر هڪ ماڻهوءَ جي وات ۾ وجهندو آهي. اهڙيءَ طرح پلڪ ڪيل سيون کي کائڻ کان پوءِ، ماڻهو پاڻ ۾ سڄي سال تائين پاڻ ٽي پوندو آهي ۽ هڪدم فصلن ۾ داخل ٿي سگهندو آهي. عام طرح اهو يقين هوندو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ تقريب کان اڳ نوان ٻيوا کائيندو، ته اهو مري ويندو. ۽ جيڪڏهن ڪيس انهيءَ ڪم ۾ پکڙيو ويو، ته ڪيس قتل ڪيو ويندو، يا ڪم از ڪم، کائنس سڄو چوپايو مال کسيو ويندو. ٽون سيون جو، تقدس هن قانون مان بخوبي ظاهر آهي ته انهن کي خاص برتن ۾ رڌڻ گهرجي، جو فقط انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ٿيو هجي ۽ اهي اهڙيءَ نئينءَ ٻاهر ٻاهر ٻچايا وڃن، جنهن کي هڪ جادوگر ٻن کائين کي هڪ ٻئي سان گسائڻ ذريعي ٻاريندو آهي، جن کي "مڙس ۽ زال" سڏيو ويندو آهي.

ٻيڇوٽانا قبيلي وارن ۾ هيءَ قانون آهي ته پهرين فصلن مان ڪجهه کائڻ کان اڳ، کين پاڻ کي پاڪ ڪرڻو پوندو آهي. اها پاڪائي نئين سال جي آغاز ۾، اهڙي ڪنهن ڏينهن ڪئي ويندي آهي، جو جنوري مهيني جي ڪنهن ڏينهن تي سردار مقرر ڪندو آهي. اها ڪارروائي قوم جي وڏي ڪوٺ اندر ڪئي ويندي آهي، جتي سڀئي بالغ مرد اچي ڪٺا ٿيندا آهن. سنجهائڻ هرهڪ ڇٽو هڪ اهڙي ڪدوءَ جا پنهنجن هٿن ۾ ڪٽي ايندو آهي، جنهن کي اتان جي مقامي ٻوليءَ ۾ "ليروئسي" چيو ويندو آهي. انهن پنن کي چٽي، هر هڪ ماڻهو سنجهائڻ نڪتل رس کي پنهنجن پيرن جي پٺن ۽ دڻ کي لڳائيندو آهي، گهٽا ماڻهو اهو رس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي بدن جي سيني سڏڻ کي هٿندا آهن. پڙ چاٽو ماڻهو چوندا آهن ته آهو قديم رسم جي خلاف هڪ واهيات رواج آهي. وڏي ڪوٽ ۾ انهيءَ رسم ادا ڪرڻ کان پوءِ هرهڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪوٽ ۾ ويندو آهي. جتي اهو پنهنجي گهر وارن سيني پاتين، مردن، زالن ۽ ٻارن کي جمع ڪندو آهي ۽ سيني کي "ليروٽسي" جي پڻ مان نڪتل رس ڏيندو آهي. ڪن پڻ کي پيسيو ۽ ويندو آهي ۽ انهن کي ڪاٽ جي هڪ وڏيءَ ٽالهيءَ ۾ ڪير سان ملائي، ڪٽن کي چٽڻ لاءِ ۽ ڏنو ويندو آهي. پوءِ گهر جي سيني پاتين مان هرهڪ جي پٽ واريءَ ٽالهيءَ کي "ليروٽسي" جا پڻ ملايا ويندا آهن. جڏهن پاڪائيءَ جي اها ڪارروائي پوري ٿيندي آهي ته ڏهن ئي ماڻهن کي نئين فصل ڪائڻ جي آزادي هوندي آهي ۽ نه ان کان اڳ.

برازيل جي برورو قبيلي وارا سمجهندا آهن ته نئين ڪائيءَ کي قبيلي جي حڪيم جي دعائن حاصل ڪرڻ کان اڳ ڪائڻ يقيني موت جو باعث ٿيندو. دعا ڏيڻ جي رسم هيئن هوندي آهي. ڪائيءَ جي سنگ جي اڏوريءَ ڪل کي ڏوئي "حڪيم" جي سامهون رکيو ويندو آهي، جو گهٽن ڪلاڪن تائين نچڻ ۽ گائڻ ۾ تماڪ جي مسلسل ڪش لڳائڻ سان پاڻ تي وجد طاري ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ هو انهيءَ ڪل ۾ چڪ هٽندو آهي. ان وقت سندس سڀ عضوا ڪنبندا آهن ۽ هو بار بار زوردار چيڪون ڪندو آهي. جڏهن ٻه ڪو وڏو جانور يا وڏي مڇي ماري ويندي آهي، تڏهن ٻه ساڳئي قسم جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. برورو قبيلي وارن کي پختو يقين هوندو آهي ته جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو دعا حاصل ڪرڻ کان سواءِ، انهيءَ رسم جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا گوشت کي چھنڊو. تہ آھو ۽ سندس سڄي قوم فنا ٿي ويندي.

اترِ امريڪا جي ڪريڪ قبيلي جي ڳاڙھن هندستانين ۾ "بسڪ" يا پھرين - ميون جو ميلو سال جي هڪ مڪيم ۽ اھم تقريب - هوندي آھي. اھا رسم جولاءِ يا آگسٽ مهيني ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. جڏھن مڪائي پچندي هئي ۽ انهيءَ وقت پراڻو سال ختم ۽ نئون سال شروع ٿيندو هو. انهيءَ رسم جي ادا ٿيڻ کان اڳ ڪوبہ ڳاڙھو هندستاني نئين فصل کي نہ کائيندو هو ۽ نہ ھٿ لائيندو هو. ڪڏھن ڪڏھن هرھڪ شهر پنھنجو پنھنجو ميلو ملھائيندو هو. ڪڏھن تہ وري گھٽا شهر ٻاڻ ۾ ملي هڪ مشترڪ ميلو منعقد ڪندا هئا. ميلي ملھائڻ کان اڳ، ماڻھو پنھنجي لاءِ توان ڪپڑا ۽ گھرن لاءِ نوان برتن ۽ نئون سامان خريد ڪندا هئا. آھي پنھنجا پراڻا ڪپڑا ۽ گھر جو گند ڪچرو ڪڍو ڪري، گذريل سال جي باقي بچيل اناج ۽ ٻئي سامان سان گڏ، هڪ عام ڊير تي ڦٽو ڪري، سڄي کي باھ ڏيئي ساڙي چڏيندا هئا. انهيءَ رسم جي ادائگيءَ جي تياريءَ واسطي، گھوٽ جون سڀ باھيون اگھوات وسايون ويندیون هيون ۽ سڄيءَ رک کي ٻھاري هڻي صاف ڪيو ويندو هو. خصوصاً مندر جي آتشدان يا قربانگاه کي ڪوٽيو ويندو هو ۽ سڄي رک باھر ڪڍي ويندي هئي. پوءِ وڏو پوجاري هڪ خاص قسم جي ٻوٽيءَ جون ٻاڙون، تماڪ جي ڪجھ سانون پنن ۽ ڪجھ ٻنون ميون سان گڏ، آتشدان جي تري ۾ رکندو هو، جنھن کي هو بعد ۾ اڇيءَ مٽيءَ سان ڍڪي جو حڪم جاري ڪندو هو ۽ پوءِ هو انھن سڀني شين کي تازي ٻاٽيءَ سان آلو ڪري چڏيندو هو. پوءِ ننڍن وڻن جي ٽارين مان آتشدان مٿان هڪ گھاٽو گنبذ اڏيو ويندو هو. انهيءَ وچ ۾ زالون پنھنجن گھرن کي صاف ڪرڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصروف رهنديون هيون، پراڻين چلهين کي نئون کنديون هيون، رڌڻ پچائڻ جي برتن کي مانجي صاف کنديون هيون، تہ جيئن اهي نئين ۽ پاڻ ۽ نون ميون جي پنهنجن گهرن اندر آڄان ڪرڻ لاءِ تيار رهن. وڏي مقدس چونڪ کي احتياط سان ڌوهاري، منجهانئس اڳوٽي ۽ دعوت ۾ ماڻ رهيل کاڌي، جو ننڍي ۾ ننڍو ذرو پرزو به ميڙيو ويندو هو "تہ متان سال جي پهرين ميون جي نذراني پيش ڪرڻ جي رسم ناپاڪ ٿي پوي." ان کان علاوه، هر آهو برتن، جنهن ۾ گذريل سال، جي دوران ۾ کو کاڌو رکيو ويو هو يا جنهن کي کنهن کاڌي لاءِ استعمال کيو ويو هو، سڄ لهڻ کان اڳ مندر مان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. ٻوءِ سيني اهڙن ماڻهن رکي، جن لاءِ اهو معلوم هوندو هو تہ انهن سال جي دوران ۾ پهرين ميون ۽ شاديءَ جي متعلق قبيلي جي مقرر ڪيل قانون جي پڇڙي کان ڪئي هئي، هڪ ماڻهو وڏي آواز سان عام چؤنڪ ۾ داخل ٿيڻ ۽ اڀي روزي رکڻ جي نينڊ ڏيندو هو. چؤنڪ جي سيني ڪنڊن تي پهريدار ۽ ٻيهاريا ويندا هئا، تہ اهي جانورن ۽ اهڙن ماڻهن، کي، جن کي ناپاڪ سمجهيو ويندو هو، اندر داخل ٿيڻ کان روڪين. ٻوءِ ٻن راتين ۽ هڪ ڏينهن لاءِ سخت روزو رکيو ويندو هو ۽ ديندار ماڻهو هڪ خاص قسم جي ٻوٽيءَ مان ٺهيل ڪوڙي دوا پيئندا رهندا هئا "تہ جيئن، اهي اليون کن ۽ پنهنجن گنهگار جسمن کي صاف ڪن." چؤنڪ کان ٻاهر پيئل ماڻهن کي ٻ پاڻ ڪرڻ لاءِ، پوڙهن ماڻهن مان هڪ ڇٽو چؤنڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ تماڪ جي ٻاون پنن جو ڪجهہ مقدار رکي ايندو هو، هڪ پوڙهي عورت اهي پن ٻاهر ڪڍي ويندي هئي ۽ اڀي پيئل ماڻهن ۾ تقسيم ڪندي هئي، جي "پنهنجن روحن کي عذاب ڏيڻ لاءِ" انهن پنن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيندا ۽ گهندا هئا. انهيءَ عام روزي جي درميان، ڪمزور جسمن واريون عورتون، ٻارن ۽ مردن کي اڏ ڏينهن کان پوءِ کاڌو کائڻ ڏنو ويندو هو ۽ نه ان کان اڳ. جنهن ڏينهن روزو پورو ٿيندو هو، تنهن ڏينهن صبح جو زالون گذريل سال جي ڇڇيل کاڌي مان ڪجهه مقدار مقدس چؤنڪ جي ٻاهران ڪٿي ايندڙ ڏيون، اهو کاڌو پٽتو پوءِ اندر آندو ويندو هو ۽ فاقو ڪشي هجوم اڳيان رکيو ويندو هو، پر منجهند ٿيڻ کان اڳ انهيءَ کاڌي جا سڀ نشان اتان هٽائڻا هوندا هئا. جڏهن سج جو زوال ٿيڻ شروع ٿيندو هو، تڏهن هڪ ماڻهو وڏو واڪو ڪري سيني کي گهرن اندر بند رهڻ، ڪنهن به بري ڪم نه ڪرڻ ۽ پراڻيءَ ٻاهم جي هرهڪ چٽنگ وسائڻ ۽ انهيءَ کي ٻاهر اڇلائڻ جي خاطريءَ ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هو. پوءِ ته سڄي ڳوٺ مٽان عالمي خاموشي طاري ٿي ويندي هئي. وڏو پوجاري کاٽ جي ٻن ٽڪرن کي ٻاڻ ۾ گسائي نئين ٻاهم ٻاريندو هو ۽ آن کي سبز ڪنڊ هيٺان آتش دان ۾ رکندو هو. انهيءَ نئين ٻاهم لاءِ سمجهيو ويندو هو ته اها خون کان سواءِ ماضيءَ جي سيني گناهن جي شفاعت ڪري ڇڏيندي. پوءِ نون ميون جو هڪ ٽوڪرو آندو ويندو هو. وڏو پوجاري هرهڪ قسم جي ميوي مان ٿورو ڪٽي، آن کي رڇ جي چربيءَ مان ڪڍيل تيل مکي، ڪجهه گوشت سان گڏ "ٻاهم جي مقدس ۽ برڪت واري ديوتا کي سالُ ڇڻي ڏهرين ميون جي نعمتن جي نذراني ۽ سڄي سال ۾ سر زد ٿيل گناهن جي ڏنڊ طور" پيش ڪندو هو. پوءِ هو آلتي ڪرائيندڙ مقدس دوائن کي ٻاهم مٽان هاري ديوتا جي حضور ۾ ارپڻ ڪندو هو. جيڪي ماڻهو ٻاهر بيٺا هوندا هئا، سي هينئر مقدس چؤنڪ ۾ داخل ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان سواءِ ، اڳتي وڌندا هئا ۽ پوءِ وڏو پوڄاري هڪ تقرير ڪندو هو، جنهن ۾ هو انهن ماڻهن کي پنهنجين قديم رسمن ۽ سائن سوڻن کي سختيءَ سان ادا ڪرڻ لاءِ تلقين ڪندو هو ۽ هيءَ ٻڌائڻ ڪندو هو تہ نئينءَ باهه گذريل سال جا سندن سڀ گناهه ميٽي چڏيا. عورتن کي هو سختيءَ سان چتائڻ ڏيندو هو تہ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن پراڻي باهه نہ وسائي هئي، يا ڪابہ پليدي ڪئي هئي، تہ انهن کي هڪدم اتان هليو وڃڻ گهرجي، تہ "ستان ديوتائي باهه کين ۽ ٻين سڀني ماڻهن کي پسر ڪري چڏي." پوءِ نئينءَ باهه منجهان ٽوري مقدس چونڪ جي باهران رکي ويندي هئي، عورتون ڏاڍيءَ خوشيءَ سان ان کي گهر ڪٽي ويندیون هيون ۽ پنهنجين پاڪ ٽيل چلهين ۾ ٻاريندیون هيون. جڏهن هڪ ڪان وڏيڪ شهر گڏجي اها تقريب ملهائيندا هئا، تڏهن نئينءَ باهه کي انهيءَ طريقي سانَ دور دراز ڳوٺن ڏانهن ٻ، ڪيئي ميل پرڀي، نيون ويندو هو. نون ميون کي پوءِ نين ٻاهين تي پچايو ويندو هو ۽ انهن کي رڄ جي جربيءَ جي تيل سان گڏ ڪاڏو ويندو هو، جنهن کي هڪ نايابچيز سمجهيو ويندو هو. تقريب جي ڪنهن وقت تي، مرد نئين آنَ کي پنهنجن هٿن جي وچ ۾ مهٽي پنهنجن منهن ۽ ڇاتين تي ملیندا هئا. ان ڪان پوءِ جيڪا تقريب ايندي هئي، تنهن ۾ جنگي جوڌا پنهنجي جهنگلي فوجي سازوسامان سان مسلح ٿي، مٿن کي‌تقلي اچن وارن سان ڊڪي، هٿن ۾ اڇا ڪنب ڪٽي، انهيءَ پاڪ گنبذ جي چوگرد نچندا هئا، جنهن جي هيٺان نئين باهه ساري ويئي هئي. اها تقريب اڻ ڏينهن تائين هلندي هئي ۽ انهيءَ عرصي ۾ سخت پرهيز ڪئي ويندي هئي. تقريب جي ختم ٿيڻ ڏاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگي جوڌا جنگ جو سانگ رچائيندا هئا، پوءِ، سرد ۽ زالون گڏجي، تن حلقن ۾ مقدس باهم جي چوگرد نچندا هئا. آخر ۾، سپيئي ماٿهو پاڻ کي اڇي مٽي ٿڦي، وهندڙ پاڻيءَ ۾ غسل ڪندا هئا. پاڻيءَ مان نڪرڻ وقت کين هيءَ يقين هوندو هو ته ماضيءَ ۾ انهن جيڪي به غلط ڪم ڪيا هئا، تن جي پاداش ۾ هينئر متن ڪاب آفت نازل ڪائم ٿيندي. اهڙيءَ طرح، اهي خوشيءَ مان بسڪ ۽ سانت ۾ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا.

اڄ ڏينهن تائين پڻ، فلوريدا جي سيمفول قبيلي وارن ڳالهن هندستانين جا ڇيڪي ماٿهو باقي وڃي بچيا آهن، جيڪي ڪريڪ قبيلي وارن جي ئي نسل مان آهن. سي سالياني پاڪائيءَ جي رسم ادا ڪندا آهن ۽ "سائي آن" جي ناچ" نالي هڪ ميلو منعقد ڪندا آهن، جنهن تي ٽئون ان ڪاڏو ويندو آهي. ميلي جي پهرئين ڏينهن تي اهي هڪ بدبودار "ڪارو پاڻي"، جيئن اهو سڏيو ويندو آهي، پيئندا آهن، جو ڪين الٽيون ۽ ڪرائيندو آهي ۽ جلاب ۾ ڏيندو آهي، انهن جو اعتقاد آهي ته جيڪو به اهو شربو نه پيئندو، سو ٽئون سائو ان سلامتيءَ سان ڪونه ڪائي سگهندو ۽ ان کان علاوه، اهو سال جي دوران ۾ ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور بيمار ٿيندو. جنهن وقت اهو شربو پيتو ويندو آهي، تنهن وقت ناچ شروع ٿيندو آهي، جنهن ۾ قبلي جا حڪيم به شامل ٿيندا آهن. پئي ڏينهن اهي سائي آن مان ڪجهه ڪائيندا آهن، ان کان پوءِ ايندڙ ڏينهن تي اهي هن خيال کان روزو رکندا آهن ته متان اهو مقدس ڪاڏو سندن پيٽن اندر عام رواجي ڪاڏي سان ملي، ناپاڪ ٿي پوي، پر ٽئين ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي هڪ وڏي محفل ڪندا آهن.

خانه بدوش قبيلا ۽ جڏهن پهريان جهنگلي ميوا جمع ڪندا آهن يا موسم جون پهريون پاڙون کوٽيندا آهن، تڏهن ساڳين رسمن سان مشابهت رکندڙ کي رسمون ادا ڪندا آهن. چنانچه، اتر اولهه امريڪا جي "سئليش" ۽ "ٽائنيه" قبيلن ۾ "نوجوان ماڻهو موسم جي پهرين ٻيرن يا پاڙن کائڻ کان اڳ، انهن ميون يا پوڻن کي هميشه خطاب ڪندا هئا ۽ سندن مهرباني ۽ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون ڪندا هئا. ڪن قبيلن ۾ "پهرين - ميون" جون رسمون جهنگلي ميون پٽڻ يا پاڙن گڏ ڪرڻ وقت باقاعدگيءَ سان هر سال ادا ڪيون ويندڙون هيون." "سالمن" مڇي کائيندڙ قبيلن ۾ ٻ.ڏهن آها مڇي سندن ملڪ ۾ اچڻ لڳندي هئي، تڏهن اهڙيون رسمون ادا ڪيون ويندڙون هيون. اهي رسمون شڪرانو ادا ڪرڻ جون نه، پر گهٽو ڪري پوءِ فصل جي خاطري ڪرڻ، يا خواهش، مطابق ڪنهن مخصوص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هوندڙون هيون، جو تم جيڪڏهن اهي قاعدي موجب يا پوري احترام سان ادا نه ڪيون ويندڙون هيون، تہ انهن شين جي "روحن" کي ناراض ڪرڻ ۽ انهن شين کان محروم ٿي وڃڻ جو انديشو رهندو هو." مثال طور، آنهن ڳاڙهن هندستانين کي جهنگلي "راسبري" ميوي جي ڪڇڻ ٽارين يا چوسڻ وارين شاخن جو ڏاڍو شوق هوندو آهي ۽ آهي موسم جي پهرين شاخن کي چوسڻ کان اڳ، سنجيده نوعيت جي هڪ رسم ادا ڪندا آهن. انهن ڪڇڻ ٽارين کي ٽئينءَ ڪنيءَ ۾ رڌو ويندو آهي، ماڻهو جمع ٿي، هڪ وڏو حلقو ٺاهي، اڪيون بند ڪري اڇي ٻيهندا آهن، سندن وڏو سردار يا حڪيم ٻوٽي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح کي پڪاريندو آهي ۽ کيس عرض ڪندو آهي ته ساڻن فراخدلي ڪري ۽ چوسڻ وارين شاخن جو جڏهو مقدار کين مهيا ڪري ڏئي. رسم جو اهو حصو جڏهن پورو ٿي ويندو آهي، تڏهن چوسڻ واريون رڌل شاخون تقريب جي صدر کي ڏيئون ويندیون آهن ۽ انهن سان ٿورو حصو حاضرين سان هڪ ڪي ڏنو ويندو آهي، جو اُن کي ڏاڍي احترام ۽ شانائتي نموني سان کائيندو آهي.

برٽش کولمبيا جي ٽامپسن قبيلي وارا سوچ سکي گل جون پاڙون رڌي کائيندا آهن، پر ڪجهه زمانو اڳي آهي اُن کي هڪ پراسرار هستي سمجهندا هئا ۽ اُن جي متعلق متعدد ممنوعات عمل ۾ آڻيندا هئا، مثال طور، جيڪي زالون انهن پاڙن کي رڌڻ يا کوٽڻ ۾ مشغول هونديون هيون، تن کي پرهيز رکڻي هوندي هئي ۽ ڪنهن به مرد کي انهيءَ تنور جي قريب وڃڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي، جتي زالون پاڙن کي پچائڻ ۾ مصروف هونديون هيون. جڏهن نوجوان ساٿهو آهي پير، پاڙون يا موسم جي ٻي پيداوار کائڻ شروع ڪندا هئا، تڏهن اهي "سوچ سکي گل جي پاڙ" کان هيءَ دعا پنندا هئا، "آءٌ توکي مطلع ٿو ڪريان ته آءٌ توکي کائڻ جو ارادو رکان ٿو. شل تون هميشه سون کي مٽي چڙهڻ ۾ مدد ڪرين، ته جيئن آءٌ هميشه جبلن جي چوٽين تي چڙهي سگهان ۽ شل آءٌ ڪڏهن به بي دولو نه ٿيان! آءٌ توکان اهو مطالبو ٿو ڪريان، اي سوچ سکيءَ جي پاڙ! تون اسرار ۾ سيني کان زياده وڏو آهين." انهيءَ دعا کي نظرانداز ڪرڻ سبب، سوچ سکي گل جي پاڙ کائيندڙ کاهل ٿي پوندو هو ۽ صبح جو دير تائين سمهيو پيو هوندو هو.

اتر اولهه امريڪا جي ٽامپسن ۽ پين ڳاڙهن هندستاني قبيلن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي رسمون معلومات سان ڀرپور آهن، جو تہ آهي صاف طور انهيءَ مقصد، يا گهٽ ۾ گهٽ انهن مقصدن سان هڪ، کي عيان ڪن ٿيون، جي موسم جي پهرئين ميوي کائڻ وقت ادا ٿيندڙ رسمن اندر پوشيده آهن. اهو مقصد، هن هندستانين جي حالت ۾، محض هيءَ اعتقاد آهي تہ انهيءَ ہوڻيءَ کي هڪ باشعور ۽ ٿورو گهڻو طاقتور روح زندگي بخشي ٿو جنهن کي، انهيءَ وقت کان اڳ راضي ڪرڻ ضروري آهي، جڏهن ماڻهو انهن ميون ۽ پاڻ کي سلامتيءَ سان کائي سگهن، جن کي انهيءَ روح جي جسم جو هڪ حصو سمجهيو ويندو آهي. هاڻي، جيڪڏهن اها گهالهه جهنگلي ميون ۽ پاڻ جي متعلق صحيح آهي، تہ پوءِ اسين ڪجهه امڪاني حد تائين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا، تہ اها گهالهه "يئمس" جهڙن پوڪيل ميون ۽ پاڻ جي متعلق ۾ سچي آهي، ۽ خصوصي طور اها ڪڪڙ، جَوَن، اوٽس، چانورن ۽ مڪائيءَ جهڙن اناج جي جنسن متعلق ۾ صحيح آهي. سڀني حالتن ۾ هيءَ قياس ڪرڻ معقول پيو نظر اچي تہ وحشي ماڻهو ڪنهن به فصل جي پهرين ميون کائڻ ۾ جن اخلاقي اصولن جو مظاهرو ڪن ٿا ۽ انهن اصولن کي اورانگهڻ ڪري، عذاب کان بچڻ لاءِ اهي جيڪي رسمون ادا ڪن ٿا سي، گهٽ ۾ گهٽ زياده تر حد تائين، هن خيال سبب آهن تہ انهيءَ ہوڻي يا وڻ کي ڪو اهڙو روح يا ديوتا زندگي بخشي ٿو، جو نئين فصل کي سلامتيءَ سان کائي سگهڻ کان اڳ، انهيءَ جي اجازت وٺڻ يا سندس خوشنودي حاصل ڪرڻ ضروري آهي. اها گهالهه، درحقيقت، "آئنو" قبيلي وارن جي باري ۾ واضح طور تصديق ٿيل آهي. اهي مٽرن کي "ديوتائي اناج"، "اناج جو ديوتا" سڏيندا آهن، ۽ اهي نَوَن مٽرن سان ڦهيل ٽانڻ کي کائڻ کان پيشتر، ان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا پنندا ۽ سندس پوڄا ڪندا آهن. توڙي، جتي ٻهرين ميون اندر رهندڙ روحن جي نظريي جو خاص طور اظهار ڪيل ڪونہ هوندو آهي، اتي ٻ ڪين ڪائڻ لاءِ جيڪي تيارين ڪيون ويندين آهن تن سان ۽ انهيءَ خطري سان، جيڪو اهڙن ماڻهن مٿان نازل ٿيندو سمجهيو ويندو آهي، جيڪي مقرر ٽيل سائن سوڻن ادا ڪرڻ کان سواءِ انهن ميون کي کائڻ جي جسارت ڪندا آهن، معلوم ٿئي ٿو تہ اها حقيقت پوشيده رکيل آهي. انهيءَ ڪري، انهن سڀني حالتن ۾ اسين نَوَن ميون جي کائڻ کي هڪ متبرڪ ڪم ڪرڻ يا ديوتا يا ٻهر صورت، هڪ طاقتور روح سان هم صحبت ٿيڻ طور، بيان ڪرڻ ۾ غيرواجبي ڪم نہ ڪنداسون.

جيڪي رواج انهيءَ نتيجي ڈانهن اشارو ڪري رهيا آهن، تن ۾ نَوَن ميون کي رکڻ لاءِ بلڪل نَوَن يا خاص طرح مخصوص ڪيل برتنن کي استعمال ڪرڻ جي رسم، ۽ ديوتا سان قانوني طور هم صحبت ٿيڻ جي سنجيده نوعيت واري ڪم ڪرڻ کان اڳ، هم صحبت ٿيندڙ ماڻهن جي جسمن کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي رسم، شامل آهن. اهڙن موقعن تي پاڪ ٿيڻ جا جيڪي ٻيا طريقا عمل ۾ آندا وڃن ٿا، تن سڀني مان انهيءَ سان جي متبرڪ نوعيت کي ٻي ڪابہ رسم شايد اهڙيءَ صفائيءَ سان ظاهر نہ ٿي ڪري، جهڙي نئين آن کائڻ کان اڳ ڪريڪ ۽ سيمينول هندستانين جي جلاب وٺڻ جي رسم. انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ جو مقصد کائيندڙ جي پيٽ اندر مقدس کاڌي کي عام رواجي کاڌي سان گڏجي ناپاڪ ٿيڻ کان روڪڻ جو آهي. ساڳي ئي سبب ڪري ڪئٿولڪ فرقي وارا "يوڪئرسٽ" روزن ۾ شريڪ ٿيندا آهن، ۽ مشرقي آفريڪا جي آباد گار "ماسائي" قبيلي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان جنگي جوڌن کي، جي خاص طور گوشت ۽ کير تي گذر کندا آهن، اوترن ڏينهن لاءِ فقط کير، ۽ پوءِ اوترن ئي ڏينهن لاءِ فقط گوشت، کان سواءِ ٻيو کجهہ نہ نہ کائڻ هوندو آهي ۽ هڪ کان ٻئي کاڏي ڏانهن منتقل ٿيڻ کان اڳ، کين اها خاطري ڪرڻي پوندي آهي تہ پراڻي کاڏي مان سندن پيٽ ۾ ڪو ذرو ٻ بچيل ڪونهي. اها خاطري اهي هڪ زبردست جلاب کائڻ ۽ قي آڻيندڙ دوا پيئڻ ذريعي کندا آهن.

جن تقريبن کي اسين مٿي جاچي جوچي آيا آهيون، تن‌مان ڪن‌ہ، پهرين ميون کي تبرڪ طور کائڻ جي‌رسم کي قرباني۽ يا ديوتائن يا روحن کي آڇ ڪرڻ جي رسم سان ملايو وڃي ٿو ۽ وقت گذرڻ سان پهرين ميون جي قرباني۽ واري رسم تبرڪ واري۽ رسم کي، جيڪڏهن بلڪل هيڻان دٻائي نہ ٿي ڇڏي، تہ ٻ آن کي پاڇي ۾ اڇلايو ڇڏي. پهرين ميون کي ديوتائن يا روحن کي محض آڇ جي حقيقت کي ٿي هيٺر نئين آن کي کائڻ جي تياري۽ لاءِ ڪافي سمجهيو وڃي ٿو، اعليٰ طاقت وارن کي پنهنجو حصو ڏيئي، ماڻهو باقي بچيل حصي جي مزي مائڻ لاءِ پاڻ کي آزاد سمجهي ٿو. نون ميون جي متعلق انهي۽ طرز خيال مطابق، خود انهن کي ديوتائي زندگي۽ جو حامل نہ ڏر تصور ڪيو وڃي، ۽ انهن کي ديوتائن طرفان انسان کي عطا ڪيل فقط هڪ تحفو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن کي پنهنجن احسان ڪندڙن جي ڏنل نعمت مان کجهہ حصو واپس ڪري، پنهنجي۽ شڪر گذاري۽ ۽ خاڪساري۽ جو اظهار ڪرڻ جڳائي ٿو.

۲- **اڙ ٽيڪس قبيلي ۾ ديوتا کي کائڻ:** هسپانوي فاتحن هتان ميڪسيڪو کي گولي لهڻ ۽ فتح ڪرڻ کان اڳ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽزٽيڪس قبيلي وارن ۾ مانيءَ کي ديوتا جو جسر سمجهي، تبرڪ طور ڪائڻ جي رسر ادا ڪئي ويندي هئي. سال ۾ ٻه دفعا، مئي ۽ ڊسمبر جي مهينن ۾، ميڪسيڪو وارن جي عظيم ديوتا، هئيٽزلوپوچٽلي يا وٽزلي پوزٽليءَ جو ڪوٽل الي مان هڪ مجسمو ٺاهيو ويندو هو، جنهن کي بعد ۾ ذرو ذرو ڪيو ويندو هو، ۽ آنهن ذرن کي سندس پوڄاري سنجيد گيءَ سان کائيندا هٿا. مئي مهيني واريءَ رسر جو اٽکاسٽا ٽالي هڪ مؤرخ هيئن بيان ڪيو آهي :" ميڪسيڪو جا باشندا مئي مهيني ۾ پنهنجي مکيہ محفل پنهنجي ديوتا، وٽزلي پوزٽليءَ جي نالي ۾ منعقد ڪندا هٿا ۽ محفل کان ڏينهن اڳ اهي ڪنواريون، جن جو مون ذڪر ڪيو آهي (جن کي ساڳئي مندر اندر بند ڪري گوشہ نشين ڪيو ويندو هو ۽ جي، جن ته مذهبي زالون هونديون هيون)، بيٽن جي ڀڃن جو ڪجهہ مقدار باهہ تي پڪل ڪائيءَ سان ملائيندیون هيون ۽ پوءِ اهي انهيءَ مرڪب کي ماکيءَ ۾ گوهي، انهيءَ مان ديوتا جي ڪاٺ مان ٺهيل بت جي ڊيگهہ جيڏو هڪ مجسمو ٺاهيندیون هيون، جنهن جي اڪين ۾ اهي سائي، نيلي يا اڇي رنگ جي شيشي جا ذرا وجهنديون هيون ۽ ڏندن بجاءِ ڪائيءَ جا داڻا، آنهن سيني سائن سوٽن سان بت جي وات ۾ اٽکائيندیون هيون، جن جو مون بيان ڪيو آهي. انهيءَ ڪارروائيءَ جي ختم ٿيڻ پڄاڻا، سڀئي امير ۽ نواب ايندا هٿا، جي انهيءَ بُت لاءِ هڪ قيمتي ۽ خوبصورت ڪوآٽيندا هٿا، جو مجسمي جهڙو هوندو هو ۽ انهيءَ ۾ ڪيس ملبوس ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح، ڪيس ڪپڙا پارائي ۽ سينگاري، اهي انهيءَ مجسمي کي آسماني رنگ ڏنل ڪرسيءَ ۾ رکندا هٿا، جنهن کي وري هڪ ڊوليءَ ۾ رکي، ڪيس ڪاهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪٽندا هئا. انهيءَ محفل وارو جڏهن صبح ايندو هو، تڏهن پرهم قٽيءَ کان هڪ ڪلاڪ کن اڳ سيئي ڪنواريون سفيد پوشاڪون ۽ نوان زيور پائي ايندڙيون هيون ۽ انهيءَ ڏينهن کين پنهنجي ديوتا، وڻزلي پوزٽلي جون "پينر" سڏيو ويندو هو، آهي پڪل ۽ سيڪپل ڪائيءَ جي هار جا مٿي ۽ تاج وجهندڙيون هيون، جي "ازاهر" يا نارنگيءَ جي گل وانگر هوندا هئا، سندن ڳچين جي چوڌاري پڻ انهن داڻن جون وڏيون زنجيرون ويڙهيل هونديون هيون، جي سندن ڏائيءَ پانهن هيڻان تسبيح وانگر هليون ويندڙيون هيون. سندن ڳلن تي سرخ رنگ ٽڪيل هوندو هو ۽ سندن پانهن تي، ٽوٽڻين کان وٺي کراين تائين ڳاڙهن طوطن جا ڪنب لڳل هوندا هئا. ڳاڙهن جبن ۽ مبلوس، نوجوان مرد، جن جي مٿن تي ڪنوارين وانگر ڪائيءَ جا تاج پيل هوندا هئا، پوءِ انهيءَ مجسمي کي سندس ڏولهيءَ ۽ وڃهي، مخروطي شڪل واري وڏي مندر جي دامن ۾ ڪٽي ويندا هئا، جنهن جي اوچين ۽ تنگ ڏاڪڻين تي، انهيءَ کي بنسرين، توتارن، شرنائن ۽ دهلن جي موسيقيءَ سان گڏ مٿي چڪيو ويندو هو. جڏهن مجسمي کي مٿي پهچايو ويندو هو، تڏهن سيئي ماڻهو تمام گهٽي احترام ۽ ڊپ سان بيٺا رهندا هئا. جڏهن اهو مجسمو چوٽيءَ تي پهچي ويندو هو ۽ جڏهن انَ کي گلاب جي گلن جي هڪ آستاني ۾ رکيو ويندو هو، جو اهي اڳيئي تيار ڪري ڇڏيندا هئا، تڏهن نوجوان ماڻهو اتي ايندا هئا، جي انهيءَ مٿان مختلف قسمن جا گهٽيئي گل ايتري قدر اڇلائيندا هئا، جو مندر اندران ۽ باهران انهن سان ڀرجي ويندو هو. انهيءَ ڪارروائيءَ ختم ٿيڻ کان پوءِ، سيئي ڪنواريون چوڪريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن خلوت خانن کان ٻاهر نڪري ايندیون هیون ۽ ٻاڻ سان گڏ هڪ قسم جي ليڀ جا ٽڪرا ڪٽي ايندیون هیون، جا بيڻن ۽ پکل مکائيءَ سان ٺهيل هوندي هئي ۽ انهيءَ ساڳيءَ ليڀ سان هوندي هئي، جنهن سان اهو مجسمو ٺهيل هوندو هو. ليڀ جا آهي ٽڪرا وڏن هڏن جي صورت ۾ ٺهيل هوندا هئا. ڪنواريون اهي هڏا نوجوانن کي ڏيندیون هیون، جي انهن کي مٿي ڪٽي ويندا هئا ۽ مجسمي جي قدمن ۾ رکندا هئا. انهن هڏن سان اهي سڄي جاءِ پري ڇڏيندا هئا، ايتري قدر جو باقي پين ٽڪرن رکڻ لاءِ باقي جاءِ نہ رهندي هئي. ليڀ جي انهن ٽڪرن کي اهي ولڙيلي- پوزلي ديوتا جو گوشت ۽ هڏا چوندا هئا. پوءِ انهن هڏن کي ٻاهر رکيو ويندو هو، جنهن کان ٻوءِ مندر جا سڀئي معمر پوڄاري، سندن نائب ۽ ٻيا سڀئي پادري، پنهنجي شان ۽ عمر مطابق، (چو تہ انهيءَ باري ۾ منجهن سخت تنظيم هوندي هئي) هڪ ٻئي ٻڌيان، منهن تي مختلف رنگن ۽ ڪاريگرين سان ٺهيل نقاب وجهي، هرهڪ ڇٽو پنهنجي پنهنجي عهدي ۽ شان ۽ مان مطابق، مٿن تي هار ۽ ڳچين ۾ گلن جون مالهائون وجهي، اتي اچڻ شروع ڪندا هئا، انهن جي ٻڌيان سندن ديوتائون ۽ ديويون ايندیون هیون، جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا، ۽ جي مختلف صورتن جا، ۽ انهن جهڙين پوشاڪن ۾ ملبوس هوندا هئا. پوءِ ليڀ جي انهن ٽڪرن ۽ ذرن پرزن جي چوڌاري منظم طريقي سان بيهي، اهي ناچ ۽ گائن ذريعي ڪجهہ رسمون ادا ڪندا هئا. انهن رسمن جي ذريعي انهن ٽڪرن کي مجسمي جي گوشت ۽ هڏن جي حيثيت ۾ متبرڪ ٻڌايو ويندو هو. اها رسم ۽ دعا (جنهن جي وسيلي اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذرا مجسمي جو گوشت ۽ هڏا ٻڌايا ويندا هئا) جڏهن ختم ٿيندي هئي، تڏهن اهي انهن ٽڪرن کي اهڙي ئي عزت ڏيندا هئا، جهڙي انهيءَ مجسمي کي. پوءِ تہ سڄو شهر انهيءَ سهڻي نظاري کي ڏسڻ لاءِ پينڊجي پوندو هو ۽ هيءَ حڪم جاري ڪيو ويندو هو، جنهن جي سڄي ملڪ ۾ سختيءَ سان تعميل ڪئي ويندي هئي، تہ وڏلي پوڏلي مجسمي جي ميلي واري ڏينهن ڏي ڪو، ماڻهو انهيءَ ليئيءَ کي ماکيءَ سان گڏ کائڻ کان علاوه، جنهن سان مجسمو ٺهيل هو، کو ٻيو کاڌو نہ کائي، ۽ اهو کاڌو ڏينهن آپرڻ وقت کائڻ گهرجي، ۽ منجهند کان اڳ ڪين پاڻي يا ٻي ڪا به شيءَ نہ پيئڻ گهرجي، انهيءَ حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ کي اهي بدشگوني ۽ سخت گناهه جو فعل سمجهندا هئا، ۽ انهن رسمن جي ختم ٿيڻ بعد، انهن لاءِ هرڪجهه کائڻ روا هئي. انهيءَ رسم جي ادائگيءَ جي دوران ۾، اهي پنهنجن ٻارن کان پاڻي لڪائي ڇڏيندا هئا ۽ اهڙن سيني ماڻهن کي، جي پنهنجو عقل ۽ فهم استعمال ڪري سگهندا هئا، سختيءَ سان پاڻيءَ پيئڻ خلاف فهمائش ڪندا هئا. ۽ ڪين ڇيو ويندو هو تہ جيڪڏهن اهي اهڙي خلاف ورزي ڪندا، تہ متن خدا جو قهر نازل ٿيندو ۽ اهي مري ويندا، جنهن ڪري ماڻهو انهيءَ حڪم جي ڏاڍيءَ خبرداريءَ ۽ سختيءَ سان تعميل ڪندا هئا. جڏهن اهي رسمون، ناڇ ۽ قرباني ختم ٿيندي هئي، تڏهن اهي پنهنجن ڪپڙن لاهڻ لاءِ ويندا هئا ۽ پادري ۽ نذر جا وڏا ليئيءَ جو اهو مجسمو ڪٽندا هئا ۽ ڪيس جيڪي سينگار جا سامان پيل هوندا هئا، سي سڀ ڪاٺيس قري وڃندا هئا. ۽ اهي خود ديوتا ۽ انهن هڏن جهڙن لئين جا ننڍا ننڍا ذرا ڪندا هئا، جن کي انهن پاڪ ڪيو هو. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي آنهن ٽڪرن کي ماڻهن ۾ اهڙيءَ طرح تقسيم ڪندا هئا، جو وڏن کان وٺي عام رواجي مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ڏيندا ويندا هئا، جي انهن کي اهڙن لڙڪن، ڊپ ۽ احترام سان وٺندا هئا، جڏ تہ ائين ڪرڻ قابل تعريف هو. انهن ذرن کي وٺندي، اهي چوندا هئا تہ اهي ديوتا جو ساس ۽ هڏا ڪائي رهيا هئا، جنهن لاءِ ڪين غم هو. اهڙن ماڻهن لاءِ، جن وٽ ڪي بيمار ياتي هوندا هئا، اهي ٽڪرا گهري وٺندا هئا ۽ ڪين وڏي احترام ۽ عزت سان گهر ڪٽي ويندا هئا."

انهيءَ دلچسپ ذڪر مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ ميڪسيڪو جا قديم باشندا، عيسائي مبلغن جي اچڻ کان ۾ اڳي، هڪ شيءَ جو ٻيءَ ۾ تبديل ٿيڻ جي اصول کان بخوبي واقف هئا ۽ اهي انهيءَ اصول تي پنهنجي مذهبي سائن سوٽن ۾ عمل ڪندا هئا. انهن جو اعتقاد هو تہ سندن پادري، مانيءَ کي متبرڪ ڪرڻ بعد، آن کي ديوتا جي خود جسم ۾ تبديل ڪري ٿي سگهيا؛ چنانچہ، سيئي اهڙا ماڻهو، جي انهيءَ متبرڪ مانيءَ مان ڪجهہ ڪائيندا هئاسي، سندس ديوتائي مادي جي ڪجهہ حصي کي پنهنجي پيٽ اندر داخل ڪري، ديوتا سان پراسرار طريقي سان هم صحبت ٿيندا هئا. هڪ شيءَ کي ٻيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو اصول ۽ مانيءَ جي ساس ۾ جادوئي تبديلي، عيسائيت جي ڦهلجڻ يا خود انهيءَ مذهب جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ، قديم هندستان جي آريہ قوم کي بہ معلوم هو. برهمڻ اهو سبق ڏيندا هئا تہ قرباني ۾ جانورن جون جيڪي مانيون ڏنيون ويندڙون هيون، سي انسانن جو نعم البدل هيون ۽ اهي پنڊتن جي ڪرامت سان سچن پچن انساني جسمن ۾ تبديل ٿيندڙيون هيون. اسان پڙهيو آهي تہ "جڏهن اها (جانورن جي مانيءَ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄا ڄاڻون جو اڻو هوندي آهي، تڏهن اها وار هوندي آهي. جڏهن برهمڻ انيءَ ٻڌان پاڻي وجهندو آهي تڏهن اها ڪل ڦي پوندي آهي. جڏهن ڪيس ملائيندو آهي، تڏهن اهو ڦوٽل الوساس ٿيو پوي، چوته پوءِ اُن ۾ ڇيڙهم پيدا ٿئي ٿو ۽ ساس ۾ ائين ئي ڇيڙهالو هوندو آهي. جڏهن اڻو پچايو وڃي ٿو، تڏهن آهو هڏو ٿيو پوي، چوته پوءِ اهو ٿورو گهٽو سخت ٿيندو آهي ۽ هڏو سخت هوندو آهي. جڏهن هو اُن کي اتان (باهم تان) ڪڍڻ وارو هوندو آهي ۽ مٽس سڪڻ ڇڙڪائيندو آهي، تڏهن هو ڪيس نريءَ جي ٻيڪ ۾ تبديل ڪندو آهي. اهو آهي ڪمال، جنهن کي پنجوڙي حيواني قرباني ڇيو ويندو آهي."

هينئر ڀل، اسين مڪمل طرح سمجهي سگهون ٿا ته ڇو، ميڪسيڪو جا باشندا، ديوتا سان پنهنجي هم صحبت ٿيڻ واري ڏينهن تي، متبرڪ مانيءَ کان علاوه، جنهن جو اهي ديوتا جي خود ماس ۽ هڏن وانگر احترام ڪندا هئا، پيو ڪوبه ڪاڏو ڪونه ڪائيندا هئا ۽ ڇو، اهي منجهند تائين پاڻي به ڪونه پيئندا هئا. بيان ڪنهن شڪ جي، اهي پنهنجي پيٽ اندر ديوتا جي حصي کي ٻين عام شين سان لهه و ڇڙ ۾ آڻي، ناپاڪ ڪرڻ کان ڊڄندا هئا. ساڳئي قسم جي انهيءَ پارسائي واري خوف، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، ڪريڪ ۽ سيمينول قبيلن جي ڪن ڳاڙهن هندستانين کي، ڦهرين ٻيون جي تبرڪ ڪائڻ جي جرئت ڪرڻ کان اڳي، تيز جلاب ذريعي پنهنجن جسمن کي ڏوئي صاف ڪرڻ جي زياده مڪمل طريقي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو.

ڊسمبر مهيني ۾ سياري جي نندي ڪان نندي ڏينهن واري ميلي تي ازٽيڪ قبيلي جا ڳاڙها هندستاني پنهنجي ديوتا، هئيٽزيلو پوچٽيءَ کي مجسمي جي صورت ۾ قتل ڪندا هئا ۽ بعد ۾ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائيندا هئا. انهيءَ ڳڀير رسم جي تياريءَ لاءِ ديوتا جو انساني صورت سان مشابهت رکندڙ هڪ مجسمو، مختلف قسمن جي ڀڃن مان ٺاهيو ويندو هو، جن کي ڀارن جي رت سان ڳوهيو ويندو هو. ديوتا جي هڏن جي نمائندگي "ائڪيشيه" نالي هڪ قسم جي ڪاني جا ٽڪر ڪندا هئا. انهيءَ مجسمي کي، مندر جي مکيه قربانگاه تي رکيو ويندو هو ۽ سيلي واري ڏينهن تي خود بادشاه کيس ڏوپ واس ڏيندو هو. پوءِ هڪ پوجاري، جنهن کي ڪئنزالڪوٽل ديوتا جو نالو ڏنل هوندو هو ۽ جو آن جو ڪردار ادا ڪندو هو، سخت پٿر جي نوڪ وارو هڪ ننڍڙو تير ڪٽي، انهي واري انهيءَ مجسمي جي سيني ڏانهن نشان تکي آڇلائيندو هو ۽ کيس آر پار چيري ڇڏيندو هو. انهيءَ رسم کي "هئٽيزپوچٽلي ديوتا جي جسم کي ڪائڻ لاءِ قتل ڪرڻ" سڏيو ويندو هو. پوجارين مان هڪ ڇڻو، مجسمي جي دل وڍي، بادشاه کي ڪائڻ لاءِ ڏيندو هو. مجسمي جي باقي حصي کي ننڍڙن ڏرن ۾ تقسيم ڪيو ويندو هو، جن مان هر وڏي ۽ ننڍي، حتيٰ ڪه پينگهي وارن ننڍڙن نر ٻارن تائين سيني کي، هڪ هڪ ٽڪر ڪائڻ لاءِ ملندو هو، پر ڪنهن به عورت کي ان مان هڪ گراهم به نه ڪائڻو هو. انهيءَ رسم کي "ٽيئوفائو"، يعني "ديوتا کاڄي ويو آهي"، سڏيو ويندو آهي.

هڪ ٻيءَ تقريب ۾ ميڪسيڪو جا باشندا ماڻهن جهڙا ننڍڙا مجسما ٺاهيندا هئا، جي ڪرن جي چوٽين وارن جبلن جي نمائندگي ڪندا هئا. اهي مجسما مختلف قسمن جي ڀڃن مان ٺهيل ليئيءَ مان ٺاهيا ويندا هئا ۽ کين ڪاغذ جي زيورن سان سينگاريو ويندو هو. کي ساڻهو پنج، کي ڏهه ٿ کي پندرهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا مجسما ٺاهيندا هئا. انهن کي ٺاهڻ کان پوءِ، کين هرهڪ گهر جي عبادتگاهه ۾ رکيو ۽ پوڄيو ويندو هو. رات جي دوران ۾ چار دفعا، کاڌي پيتي جا نذرانا نندڙن برتن ۾ وجهي، سندن اڳيان پيش ڪيا ويندا هئا ۽ اونداهي راتين جي دوران ۾ ماڻهو سندن روبرو ڪائيندا ۽ بنسريون وڄائيندا هئا. علي الصبح جو پادري انهن نندڙن مجسمن کي زخمي ڪندا هئا، سندن سسيون وڍيندا ۽ دليون چيري ڦاڙي ٻاهر ڪڍندا هئا، جن کي اهي سائيءَ ٽالهيءَ تي رکي، گهر جي مالڪ کي پيش ڪندا هئا. مجسمن جا بدن پوءِ گهر جا سيئي پاتي، خاص طور نوڪر ڪائيندا هئا، تہ "جئين انهن کي کائڻ سان اهي ديوتا جي طبيعت جي ڪن بدمزاجين کان محفوظ رهجي وڃن، جن جو اهڙن ماڻهن کي ڊپ رهندو هو، جي انهن ديوتائن جي پوڄا پاٺ ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا هئا."

۳- **اٿريشيا ۾ گهٽائي مينائي:** اسين هينئر انهيءَ ٻهاڪي، تہ "اٿريشيا ۾ گهٽائي مينائي آهن،" جي سمجهائيءَ ڏيڻ متعلق ڪنهن راءِ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي اهل سمجهون ٿا. ماڻهن جي صورت ۾ ٺهيل اتي ڪن نانن کي رومي باشندا "مينائي" سڏيندا هئا ۽ اڄ معلوم ٿي رهيو آهي تہ انهيءَ قسم جا نانءِ خاص طور اٿريشيا ۾ ٺاهيا ويندا هئا. هاڻي، "مينا" جو انهن نانن سان هڪ جو نالو هوندو هو، سو "پوتن جي ماءُ" يا "نانيءَ" جو ۽ نالو هو، جنهن کي "ڪاميٽيليا" جي ميلي تي مردن ۽ عورتن جا اوڻي مجسما ارپڻ ڪيا ويندا هئا. اهي مجسما روم ۾ هر گهر جي دروازي تي لٽڪايا ويندا هئا، هرهڪ گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر آزاد ماڻهوءَ جي حساب سان هڪ مجسمو ۽ هر غلام جي حساب سان مختلف رنگ جو هڪ مجسمو لٽڪايو ويندو هو. انهيءَ جو سبب هيءُ هو، جو انهيءَ ڏينهن مئل ماڻهن جي پوتن کي آزاديءَ سان ڦرندو گهرندو سمجهيو ويندو هو ۽ هيءَ توقع ڪئي ويندي هئي ته نيڪ فطرت سبب يا محض بي پرواهيءَ کان اهي پوت گهر وارن جيئرن ماڻهن بدران، انهن مجسمن کي پاڻ سان گڏ ڪئي ويندا. هڪ روايت مطابق اهي اوني مجسما انهن ماڻهن جا نعم‌البدل هوندا هئا، جن کي هڪ سابق رسم موجب قربان ڪيو ويندو هو. اهڙين جزوي ۽ غير يقيني حقيقتن جي بنياد تي اعتماد سان ڪاڪ تعمير ڪرڻ ناممڪن آهي، پر هن قياس جي راءِ ڏيڻ قابل قدر آهي ته انساني صورتن وارا اهي نان، جيڪي ائريشيا ۾ پڄايا ويندا هئا، سي متبرڪ ماني هوندا هئا، ۽ قديم زماني ۾، جڏهن "پيلي جي بادشاهه" کي هر سال قتل ڪيو ويندو هو، تڏهن اهي نان ميڪسيڪو وارن ديوتائن جي ليئيءَ سان تعهيل مجسمن وانگر، سندس صورت ۾ ٺاهيا ويندا هئا ۽ سندس پوڄاري انهن کي تبرڪ طور کائيندا هئا. ميڪسيڪو وارن جي هئيٽزلوپوچٽلي ديوتا جي اعزاز ۾ ڏنل تبرڪن سان گڏ، ماڻهن جون قربانيون ۽ ڏنيون ويندڙ هيون. هيءَ روايت، ته ائريشيا ۾ مقدس هڙيءَ جو بنياد وجهندڙ، "مانيس" نالي هڪ شخص هو، جنهن جي نسل سان گهٽيئي "مينائي" پيدا ٿيا، اهڙيءَ ريت هڪ اشتقاقي ڏند ڪٿا ٿيو پوي، جا انهن متبرڪ نانن سان استعمال ٿيندڙ نالي، "مينائي"، کي سمجهائڻ لاءِ هٿ سان گهڙي ويئي هوندي. انساني قربانين سان انهن نانن جي اصلي تعلق جي هڪ ڏنڊلڪيءَ ياد جو سراغ شايد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن آکاڻيءَ ۾ ملي وڃي، تہ ڪامپيٽيليا تي جيڪي مجسما "مينا" جي نالي ۾ ارپڻ ڪيا ويندا هئا، سي انساني قربانين جا نعم البدل هئا. بهر حال، ڏي سگهي ٿو تہ خود اها ڳالهہ ئي ڪنهن معقول بنياد کان محروم هجي، ڇو تہ پوتن ۽ بد روحن جي ڏيان کي جيئرن ماڻهن کان هٽائڻ لاءِ، بي جان مجسمن کي ٺاهي لٽڪائڻ جو رواج عام آهي.

مثال طور، ٽيبٽ جا باشندا ذرتيءَ جي لاتعداد پوتن جي خوف ۾ مبتلا هوندا آهن، جي سيبڻي "پوڙهيءَ ماڻ، ڪُون-ما" جي زير اثر آهن. اها ديوي، جنهن کي روپي مينا، "پوتن جي ماڻ يا نانيءَ" سان مشابهت ڏيڻي سگهجي ٿو، سونهري-زرد جبن ۾ ملبوس هوندي آهي، سندس هٿ ۾ هڪ سونهري سرڪڻ- ڪاهي هوندي آهي ۽ اها هڪ گهيٽي ٻٽان سوار هوندي آهي. ڪنهن به رهائشي گهر کي بد روحن جي داخلا کان بچائڻ لاءِ، جن سيني جي "پوڙهيءَ ماڻ، ڪُون-ما" مالڪياڻي هوندي آهي، گهر جي ٻاهران دروازي ٻٽان، شمعدان جهڙيءَ پيچيده ساخت واري هڪ شيءَ لٽڪائي ويندي آهي. منجهس گهيٽي جي هڪ ڪوپري، سون جي ورڻ، چانديءَ ۽ نيلم جهڙ يون مختلف قيمتي شيون، ڪٽڪ، چانورن ۽ دال جهڙا ڪجهہ خشڪ ڪاڏا ۽ سيپ کان آخر ۾ هڪ مرد، هڪ عورت ۽ هڪ گهر جي عمارت جا مجسما يا سنڊن تصويرون رکيل هونديون آهن. مرد، عورت ۽ گهر جي جاءِ جي تصويرن جو مقصد هيءَ هوندو آهي، تہ جيئڪڏهن انهيءَ نذراني جي باوجود، بد روح اڃا به اچن، تہ کين ٻڌيو وڃي ۽ کين هن يقين ڪرڻ لاءِ گمراه ڪيو وڃي تہ مٽي ڏکر ڪيل مجسما گهر جا ياتي آهن، تہ جيئن اهي پنهنجي غصي جو ڇوهہ ڪاٽ جي انهن ٽڪرن ٻٽان چنڊين ۽ گهر جي حقيقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻين کي ڪائڻ بچايو وڃي." جڏهن سڀ تياري مڪمل ٿي ويندي آهي، تڏهن هڪ پوڄاري "پوڙهيءَ ماءُ، ڪُون - ما" کان دعا پئندو آهي ته اها اهڙن نفيس ۽ خوبصورت نذرانن کي قبول ڪرڻ لاءِ راضي ٿئي ۽ ڏرتيءَ جا ڪليل دروازا بند ڪري، ته جيئن گهر وارن کي تنگ ڪرڻ ۽ ضرر رسائڻ لاءِ اهي پوت ۽ بد روح باهر نه نڪرن.

وري، بيماريءَ کي روڪڻ يا چٽائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻوٽا استعمال ڪيا ويندا آهن. مرض جا پوت غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي، ٻوٽن کي جيڏرا ماڻهو سمجهندا آهن يا وري کين جيئرن ماڻهن کي خوش ڪرڻ پسند ڪندي، انهن ٻوٽن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آساده يا مجبور ڪيو ويندو آهي. چنانچه سيليبس ۾، منهاسا جي آلفور قبيلي وارا، بيمار ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ٻڪي گهر ڏانهن منتقل ڪندا آهن، ۽ سندس بستري تي اهي وهاڻي ۽ ڪپڙن سان ڇهيل ٻوٽي ڇڏي ويندا آهن. ائين سمجهيو ويندو آهي ته پوت انهيءَ مجسمي کي سچو پچو مريض سمجهندو آهي، جو لازمي طور شفايابَ ٿي ويندو آهي. بورنيو جا مقامي ماڻهو انهيءَ قسم جي حفظ ماتقدم يا علاج جي خاص طرح فائدي ۾ هوندا آهن. چنانچه، "ڪينيو اينگوو" درياهه تي آباد، ڏياڪ قبيلي وارن ۾، جڏهن ڪو وڃڻڏڻ مرض ڦهليل هوندو آهي، تڏهن اهي پنهنجن دروازن وٽ هن اميد سان ڪاٺ جا ٻوٽا ڪڙا ڪندا آهن ته جيئن وڃڻڏڻ مرض جي پوت کي جيئرن ماڻهن بدران انهن ٻوٽن کي ڪٽيڻ وڃن لاءِ ڳچيو وڃي. بورنيو جي "اولوه نگاڊ جو" قبيلي ۾، جڏهن ڪنهن بيمار ماڻهوءَ کي پوت جي حملن کان تڪليف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سيتلا ٽيل سمجهيو ويندو آهي، تڏهن ڪٽڪ يا چانورن جي اٽي سان نندڙا گڏا ٺاهي، بيمار ماڻهوءَ جي نعرالبدل طور، گهر هيٺان اڇلايا ويندا آهن، جو اهڙيءَ طرح پاڻ کي پوت کان آجو ڪندو آهي. بورنيو جي مغربي ضلعن مان ڪن ۾، جڏهن به ڪو ماڻهو اوچتو سخت بيمار ٿي پوندو آهي، تڏهن سندس طبيب، جو دنيا جي انهيءَ حصي ۾ عام طرح هڪ پوڙهي عورت هوندي آهي، ڪاني جو هڪ بوتو ٺاهي، اُن کي ست دفعا بيمار جيَ مٿي سان لاٽيندي آهي ۽ انهيءَ عمل سان گڏ هيٺن چوندي آهي "هيءَ بوتو مريض جي جاءِ والارڻ جو ڪم ڏئي ٿو، اي مرض، تون انهيءَ بوتي اندر داخل ٿيءَ!" پوءِ ماڻهوءَ جي انهيءَ نعرالبدل کي، ٿورن چانورن، لوڻ ۽ تماڪ سان گڏ، هڪ نندي ٽوڪري ۾ وجهي انهيءَ جاءِ تي آندو ويندو آهي، جتي بد روح کي ماڻهوءَ ۾ داخل ٿيندو سمجهيو ويندو آهي. اتي انهيءَ بوتي کي زمين تي پيرن ۾ اُڇو ڪري بيهاريو ويندو آهي ۽ انهيءَ کان اڳ طبيبياڻي انهيءَ روح کي هيٺن مخاطب ٿيندي آهي: "اي شيطان، بيمار ماڻهوءَ جي بدران اجهو هيءَ بوتو ٻيٺو آهي. مريض جي روح کي آزاد ڪر ۽ بوتي کي تنگ ڪر، جو تہ اهو درحقيقت، ڪانڪس زياده خوبصورت ۽ بهتر آهي." پڪ قبيلي وارن جا جادوگر، مرض جي پوت کي ڪڍي سان، مريض جي جسم کان باهر ڪڍي، ڪيوڙي جي وڻ سان ٺهيل انساني صورت جهڙي بوتي اندر، جيڪو جادوءَ جي جڙي ٻوٽين ۾ ويڙهيل هوندو آهي، منتقل ڪري سگهندا آهن. بوتي کي پوءِ عجلت سان اتان هٽايو ۽ دور اڇلايو ويندو آهي يا وري کيس ڳوٺ جي حدن کان باهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفن ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، مريض جي جنس مطابق، ٻوتي ڪي مردانہ يا زنانہ ڪپڙا وجهي، ڪنهن نہ ڪنهن چونڪ يا ٻئي ڪنهن عام شاهراهہ تي رکيو ويندو آهي ۽ هيءَ اميد ڪئي ويئي آهي تہ ڪوبہ ڪو راهگير انهيءَ کي ڏسي، چرڪ پري ۽ دانهن ڪري چوندو، "آهہ! فلاڻو مري ويو آهي!" ڇو تہ تعجب جي اهڙيءَ لڌا لاءِ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ اها مرض جي پوت کي ٿگي، ڪيس هيءَ يقين ڏيارينديتہ اهو پنهنجي ذليل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهي، انڪري هو اتان روانو ٿي ويندو ۽ مريض کي تندرست ٿيڻ لاءِ چڏي ويندو ملايا اپيت جي ساڪائي نسل واري هڪ قبيلي، "مائي درت" وارا سيني مرضن کي روحن جي ذريعي ڏانهن منسوب ڪندا آهن، جن کي اهي "نيّاني" سڏيندا آهن، بهرحال، خوش قسمتيءَ سان، جادوگر انهن تقصانڪار هستين کي مريض جي جسم مان ٻاهر نڪرڻ ۽ گاهہ مان ٺهيل بي ڊولن بوتن اندر قيام ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهندا آهن، انهن بوتن کي گهرن جي ٻاهران گهنڊ جي شڪل جهڙن ننڍڙن آستانن اندر، جن کي چليل لٽين سان سينگاريو ويو هوندو آهي، لٽڪايو ويندو آهي. ماتا جي متعدي وبا جي دوران ۾، "اپو" نسل جا حبشي ڪڏهن ڪڏهن شهر کان ٻاهر هڪ خالي ميدان کي صاف ڪندا آهن، جتي اهي متعدد ننڍڙا ڏڙا ٺاهيندا آهن، جن کي وري منيءَ مان ٺهيل ايترن ننڍن بوتن سان ڍڪي چڏيندا آهن، جيترا انهيءَ شهر جا باشندا هوندا آهن. کاڏي ۽ پاڻيءَ جا ٽانو ٻڌ ماتا جي روح جي ڏکاوٽ دور ڪرڻ لاءِ ٻاهر رکيا ويندا آهن ۽ هيءَ توقع ڪئي ويندي آهي تہ اهو روح منيءَ جي انهن بوتن کي ڪٽي ويندو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ماڻهن کي چڏي ڏيندو، انهيءَ خاطريءَ جي اڃا ب وڌيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ، شهر ڏانهن ايندڙ رستي ۾ رکاوٽون کڙيون ويندڙيون آهن.

انهن مثالن کي سامهون رکندي، اسين هيءَ فيصلو ڪري سگهون ٿا ته اهي اوني بوتا، جي ڪوهيڙيا جي تقريب تي، قديم روم ۾ هر هڪ دروازي اڳيان لٽڪيل نظر ايندا هئا، سي قربانيءَ جي انهن ماڻهن جا نعم‌البدل ڪونه هئا، جن کي اڳيئن قربان ڪيو ويو هو، پر اهي جيئن ماڻهن جي بدران "ديوتن جي ماءُ يا نانيءَ" کي هن اميد سان پيش ڪيل نذرانو هئا ته اها شهر وچان پنهنجن دورن جي دوران ۾ انهن بوتن کي گهر جا پاتي سمجهي يا کين گهر جي پاتين بجاءِ قبول ڪري، جيئن ماڻهن کي وڌيڪ هڪ سال‌تائين جيئن لاءِ چڏي ويندي، ممڪن آهي ته ٻوڙن جي گاهه مان ٺهيل انهن ڪڏن جو، جن کي مذهبي پيشوا ۽ "ويسٽا ديويءَ جون ڪنواريون" سال بسال روم جي قديم "سبليشين" پل تان ٻيهي، اُن جي هيٺان وهندڙ ٽائبر درياه ۾ اڇلائيندڙيون هيون، دراصل ساڳيوئي مقصد هجي، يعني ته انهن کي ٽاهيوئي فقط هن لاءِ ويندو هجي، ته ديوتن جو ڏيان انسانن کان ڦيرائي ڪڏن طرف مبذول ڪرائي، شهر کي بد روحن جي اثر کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ پوءِ انهيءَ سڄي ساري بدصورت مجمعي کي، سڄي ساز و سامان سميت درياه ۾ اڇلايو وڃي، جو جلد ئي کين گهلي وڃي، گهٽو دور سمنڊ ۾ ڪيندو. بلڪل انهيءَ ساڳئي طريقي سان قديم ڪٽلابار جا مقامي ماڻهو وقت بوقت پنهنجي شهر کي انهن بد روحن کان پاڪ ڪرڻ‌لاءِ، جيڪي ان ۾ گهر ٽاهي ويندا هئا، بيخبر ديوتن کي متعدد افسوسناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقلي گهرن انبدر چالاکيءَ سان داخل ڪري، درياه
ڪٽي آچلائيندا هئا. رومي رسم جي انهيءَ تشريح کي پلوٽارچ
جي شهادت سان ڪجهه قدر تقويت ملي رهي آهي، جو انهيءَ سان
سوڙ کي "سيني جو ڪان عظيم ترين ياڪائي" سڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪونجاهون

گوشت جي خوراڪ جو هم آهنگ جادو

ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رواج جو سراغ هينئر اسان کي انهن قومن وٽان مليو آهي، جي معاشري جي زرعي دور ۾ وڃي پهتيون آهن. اسان ڏٺو آهي ته آن يا پين پوڪيل ٻوٽن جي روح جي نمائندگي عام طور انساني يا حيواني صورت ۾ ڪئي وڃي ٿي ۽ اهو ۾ ڏٺو اٿئون ته ڪن هنڌن تي ديوتا جي انساني يا حيواني نمائندي کي سال بسال قتل ڪرڻ جي رسم پڻ ادا ڪئي وڃي ٿي. ان جي روح کي، سندس نمائندي جي شخصيت ۾ اهڙيءَ طرح قتل ڪرڻ جو هڪ سبب هن ڪتاب جي اوائلي حصي ۾ پوشيده طور ڏٺو ويو آهي، اسين هيءَ فرض ڪري سگهون ٿا ته ان جو مقصد ڪيس (پوءِ آن جو روح نر هجي يا مادي) ڏياپي جي ڪمزوريءَ کان بچائڻ ۽ ڪيس تندرستيءَ ۽ توانائيءَ جي حالت ۾ ئي ڪنهن نوجوان ۽ طاقتور جانشين ۾ منتقل ڪرڻ هوء سندس ديوتائي قوتن کي دوباره تازي ڪرڻ جي ضرورت کان علاوه، آن جي روح جو لابارن جي ڏاڻن ۽ چاقن هيٺان سوت اڻ ڦر تصور ڪيو ويندو هوندو ۽ سندس پوڄارين کي انهيءَ افسوسناڪ ضرورت ۽ آڻ مڃڻي ئي پوندي هوندي. پر، ان کان علاوه، اسان ديوتا کي تبرڪ طور يا انهيءَ ماڻهوءَ يا حيوان جي صورت ۾ جو سندس نمائندگي ڪندو آهي، يا انهيءَ مانيءَ جي صورت ۾، جا انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا حيوان جي شڪل ۾ ٿاهي ويندي آهي، ڪائڻ جي رسم ڪي دور دور تائين ڦهليل ڏٺو آهي. ديوتا جي جسم ڪي اهڙيءَ طرح ڪائڻ جا سبب، قديم وحشين جي نقطه نگاه ڪان بلڪل سادا آهن. هڪ وحشيءَ جو عام طور هيءَ اعتقاد هوندو آهي ته ڪنهن به جانور يا ماڻهوءَ جي گوشت ڪائڻ وسيلي هو، نه فقط اهي جسماني، پر دماغي ۽ اخلاقي خصوصيتون پڻ حاصل ڪري ٿو، جي انهيءَ جانور يا ماڻهوءَ جون خاص خوبيون هونديون آهن، انڪري جڏهن ڪنهن جانور ڪي ديوتائي سمجهيو وڃي ٿو، تڏهن اسان جو ساده لوح وحشي فطرتي طور هيءَ توقع رکي ٿو ته ان جي مادي جسم سان گڏ، هو سندس ديوتائي خصلتن جي ڪجهه حصي ڪي پڻ پنهنجي جسم اندر جذب ڪري ٿو. حيواني غذا جي ذريعي مختلف قسمن جي خوبين ۽ خامين ڪي حاصل ڪرڻ جي انهيءَ عام اعتقاد ڪي مثالن ذريعي واضح ڪرڻ ڇگو ٿيندو. حالانڪ، هن باري ۾ ڪو به شڪ ناهي ته انهيءَ رڌل ڪاڌي ۾ ديوتا جو جسم يا رت شامل آهي. اهو اصول "هم رنگ" يا "هم آهنگ" جادوءَ جو هڪ حصو آهي، جنهن ڪي مختلف شاخن ۾ ڦهلايو ويو آهي.

چنانچه، مثال طور ڪريڪ، چيروڪي ۽ اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين جا پيا اهڙا هم نسل قبيلا "هيءَ اعتقاد رکندا آهن ته فطرت ۾ هڪ اهڙي خوبي موجود آهي، جواڻا انسانن ۽ حيوانن ۾ يا ته انهيءَ ڪاڌي جون، جيڪي اهي استعمال ڪن ٿا يا وري انهن مادي شين جون، جيڪي سندن حواسن جي سامهون آندا وڃن ٿا، خوبيون منتقل ڪري ٿي، جيڪو ماڻهو هڻڻ جو گوشت ڪائي ٿو سو، سندس جسماني نظام مطابق، انهيءَ ماڻهوءَ کان زياده تيز رو ۽ زياده باريڪ بين ٿئي ٿو، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي ڍنگي رڇ يا چيٽي جي ڊير تي رهندڙ ٻيوس پکين، پليل ۽ سست رفتار چوپائي مال يا گهري ۽ گند ڪچري ۾ ليٽرين پائيندڙ سوئر جي گوشت تي گذران ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو انهن جا گهٽائي پيررسرد هيءَ سفارش ڪندا آهن ته اڳئين زماني ۾ سندن عظيم ترين سردار ڪاڏي جي معاملي ۾ هميشه لاءِ هڪ قانون جي تعميل ڪندا رهندا هئا ۽ ڪنهن به بد خصلت جانور يا گهري حرڪت ڪندڙ جسم جي گوشت کي مشڪل استعمال ڪندا هئا، چو ته اهي سمجهندا هئا ته اهڙو گوشت سندن سڄي جسماني نظام ۾ هڪ قسم جي سستي ۽ ڪاهلي پيدا ڪندو ۽ ڪين جنگي، معاشرتي ۽ مذهبي فرائض جي انجام دهيءَ ۾ پوري قوت استعمال ڪرڻ کان لاچار ۽ مجبور ڪري ڇڏيندو". يوڪيدار جي زپارو قبيلي جا ڳاڙها هندستاني، ڪنهن خاص ضرورت کان سواءِ، اڪثر حالتن ۾، ڪڏهن به گهري قسم جا گوشت، جهڙوڪ (۱)"ٽاپير" ۽ (۲)"پيڪري" کوڻ کائيندا آهن، پر اهي پاڻ کي پکين، ٻولڙن، هرڻن ۽ ڇيڙن وغيره جي گوشت تائين، خاص طور هن سبب ڪري محدود رکندا آهن ته گهرا گوشت، انهن جانورن وانگر، جن مان اهي حاصل ٿين ٿا، کين بي ڍولو ۽ گهرو بڻائي ڇڏيندا، سندن چستيءَ ۾ رڪاوٽ

---

(۱) هڪ سنگ واري گينڊي جي ذات مان هڪ گهرو جانور، جو پنهنجن ڦرن کي کير تي پاليندو آهي ۽ جنهن کي پيرن ۾ کر هوندا آهن. انهيءَ نسل جو هڪ قسم ملايا ۾ ۽ باقي چار ٻيا قسم ڏکڻ آمريڪا ۾ رهندا آهن.

(۲) ڏکڻ امريڪا جو کير پيئارينڊ هڪ گهرو جانور، جو سوئر سان مشابهت رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهندا ۽ کين شڪار لاءِ ناموزون بڻائي چڏيندا." ساڳيءَ طرح برازيل جا ڳاڙها هندستاني ڪوبہ اهڙو جانور، پکي يا ڇي نہ کائيندا آهن، جو آهستي ڊوڙندو، اڏامندو يا ترندو آهي، تہ متان سندن گوشت کائڻ ڪري اهي بہ پنهنجي چستي وجائي ويهن ۽ پنهنجن دشمنن وٽان پڪڙ ۾ ناڪام رهن. "ڪئريب" قبيلي وارا سوئر جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا هئا، تہ متان سندن اکيون بہ سوئرن جي اکين وانگر ننڊڙيون ٿي پون ۽ اهي ڪمين جي گوشت کائڻ کان هن ڊپ کان انڪار ڪندا هئا، تہ جيئڪڏهن اهي ائين ڪندا، تہ اهي بہ انهيءَ جانور وانگر ڳرا ۽ بيوقوف ٿي پوندا. اولهہ آفريڪا جي "فان" قبيلي وارن ۾، ڪوهہ جوانيءَ وارا ماڻهو ساڳي ئي سبب ڪري ڪمين جو گوشت ڪونہ کائيندا هئا، سندن خيال هو تہ جيئڪڏهن اهي ائين ڪندا، تہ سندن طاقت ۽ پير جيڏي تيزي هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي. پر پوڙها ماڻهو پلي تہ ڪمين کي آزاديءَ سان کائين، ڇو تہ سندن ڊوڙڻ جي طاقت اڳي ئي ختم ٿيڻ ڇڪي هوندي آهي، جنهن ڪري انهن کي ڪنهن بہ سست رفتار جانور جي گوشت ڪائڻ مان ڪوبہ نقصان نہ رسي سگهندو.

هڪ طرف تہ گهٽا وحشي اهڙيءَ طرح سست رفتار وارن جانورن جي گوشت کائڻ کان ڇڏندا آهن، تہ متان اهي بہ سست رفتار ٿي پون، تہ ٻئي طرف ڏکڻ آفريڪا جا "بش مين" جاڻي ٻجهي اهڙن جانورن جو گوشت کائيندا هئا ۽ انهيءَ لاءِ اهي جيڪو سبب ڏيندا هئا، سو وحشي فلسفي ۾. هڪ عجيب قسم جي شيءِ جو اظهار ڪري ٿو. هنن جو خيال هو تہ جنهن جانور جي اهي ڪڍ پوندا، تنهن ٿي سندس ٻيان پوندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪاريءَ جي جسم اندر موجود ڪاڏي جو "هر رنگ" جادوءَ ذريعي اثر پوندو ۽ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن انهيءَ شڪاريءَ تيز رفتار جانور جو گوشت ڪاڏو هوندو، تہ شڪار وارو جانور به تيز رفتار ٿي پوندو ۽ سندس گرفت مان نڪري ويندو، پر جيڪڏهن هن کنهن سست رفتار جانور جو گوشت ڪاڏو هوندو، تہ شڪار وارو جانور به سست رفتار ٿي پوندو ۽ هو کيس قابو ڪري ۽ ماري سگهندو. انهيءَ سبب ڪري، "سڏن سنگن واري وڏي هڙ ڪي شڪار ڪرڻ واراقبائلي ڪڏندڙ، تيز ۽ چست و چالاڪ ننڍي هڙ جي گوشت کائڻ کان خاص طور پرهيز ڪندا هئا. در حقيقت، اهي سندس گوشت کي هٿ سان ڇهندا به ڪونہ هئا، ڇو تہ اهي ننڍي هڙ کي تمام چست جانور سمجهندا هئا، جو رات جو ننڊ ڪونہ ڪندو هو. اهي شڪاري سمجهندا هئا تہ جيڪڏهن انهن اهو ننڍو هڙ ڪاڏو، تہ سڏن سنگن وارو وڏو هڙ به، جنهن جو اهي شڪار ڪندا هئا، سا گيءَ طرح رات جو ننڊ ڪونہ ڪندو. پوءِ پلا اهي ڪيئن شڪار ڪري سگهندا.

ناساقا قبيلي وارا سهڙن جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا آهن، ڇو تہ اهي سمجهندا آهن تہ اهو کين سهڙ جهڙو بزدل بڻائي ڇڏيندو. پر اهي شينهن جو گوشت کائيندا آهن يا شينهن يا چيتي جو رت پيئندا آهن، تہ جيئن کين انهن جانورن جي دليري حاصل ٿئي. "بش سين" قبيلي وارا پنهنجن ٻارن کي گدڙ جي دل کائڻ لاءِ نہ ڏيندا آهن، تہ متان آڪا کين به گدڙ وانگر دڇو بڻائي وجهي، پر اهي کين چيتي جهڙو بهادر بڻائڻ لاءِ چيتي جي دل کائڻ لاءِ ڏيندا آهن. مشرقي آفريڪا جي "واگوگو" قبيلي وارن جو ڪو ماڻهو جڏهن شينهن کي ماريندو آهي، تڏهن اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شينهن جهڙي بهادر ٿيڻ لاءِ سندس دل ڪائيندو آهي، پر هو سمجهندو آهي ته ڪڙ جي دل ڪائڻ سان هو ڪڙ جهڙو ڊرپوڪ ٿي پوندو. زولو قبيلي وارن جي ڪوٽ اندر، جڏهن به ڪا خطرناڪ وبا حملو ڪندي آهي، تڏهن سندن طبيب ڪنهن ڏاڍي پوڙهي ڪتي يا پوڙهيءَ ڳئونءَ يا ڪنهن به ٻئي ڏاڍي ڪاڙي جانور جو هڏو ڪٽندو آهي، جوهو تندرست خواه بيمار ماڻهن کي هڪ ٻئي نمونو سانڍ ڪائڻ لاءِ ڏيندو آهي، ته جيئن اهي ايترقدر وڏي حياتي ماڻين، جيتري انهيءَ جانور ماڻي هئي، جنهن جي هڏي سان انهن کي ڪجهه حصو ڪارايو هو.

آتر اولهه بورنيو جي ڏياڪ قبيلي وارن جا نوجوان مرد ۽ جنگي جوڌا هرڻ جو گوشت نه ڪائيندا آهن، چو ته اهو کين به هرڻ وانگر ڊرپوڪ بڻائي ڇڏيندو، پر عورتن ۽ تمام پوڙهن مردن کي انهيءَ گوشت ڪائڻ جي آزادي هوندي آهي. بهرحال، ساڳئي ئي علاقي جي "ڪايان" قبيلي وارن ۾، جي هرڻ جي گوشت کي واپرائڻ جي بد اثر جي متعلق ساڳيوئي نظريو رکندا آهن، مرد انهيءَ خطرناڪ ڪاڏي کي هن شرط تي ڪائيندا آهن، ته ان کي ڪليل هوا ۾ رڌيو وڃي، چو ته پوءِ انهيءَ جانور جو بزدل روح هڪدم جهنگ ڏاانهن پڄي ويندو ۽ ڪائيندڙ ۾ داخل ٿيندو. "ائنو" قبيلي وارا سمجهندا آهن ته پاڻيءَ جي مڇ انتهائي عقلمند هوندي آهي، ۽ ڪالهاڻ ۾ اهو پڪي نهايت فصيح هوندو آهي. ان ڪري، جڏهن به ڪن کي ماريو وڃي، تڏهن ان کي هڪدم چيري ڦاڙي، سندس دل ٻاهر ڪڍي، اهڙي وقت کان اڳي ئي ڪڍ ڪائي وڃي، جو اها سرد نه ٿي يا ڪيس ڪنهن ٻئي قسم جو ضرر نه پهچي. جيڪڏهن کو ماڻهو ان کي

انهيءَ طريقي سان ڳڙڪائيندو، تہ اهو ڳالهائڻ ۾ تمام گهٽو فصيح ۽ عقلمند ٿيندو ۽ پنهنجن سڀني مخالفن کي دليلبازيءَ ۾ شهم ڏيندو. اتر هندستان ۾ ماڻهو سمجهندا. آهن تہ جيڪڏهن تون الوءَ جي اکين جا تارا کائيندين، تہ الوءَ جيان اوندهه ۾ ڏسي سگهندين.

ڪٿناس جا ڳاڙها هندستاني جڏهن جنگ تي ويندا هئا، تڏهن سردار جي جهوپڙيءَ ۾ هڪ محفل منعقد ڪئي ويندي. هئي، جنهن ۾ ڪاڏي جي سڪيل ڳالهي ڪتي جي گوشت جي هوندي هئي، چوتہ اُهي هندستاني چوندا هئا تہ جيڪو جانور اهڙو بهادر آهي جو مالڪ جي بچاءَ ۾ پاڻ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرائي ڇڏي ٿو. سو يقيناً ماڻهن جي دلين ۾ دليريءَ جو جذبو پيدا ڪندو. ايسٽ انڊيز جي "بورو" ۽ "آرو" نالي ٻن ٻيٽن جا ماڻهو جنگ ۾ دليريءَ ڏٺ ٿيڻ لاءِ ڪتن جو گوشت کائيندا آهن. نيو گائنا ۾، پورٽ مورسبي ۽ موڙوموڙو ضلعن ۾ آباد "پاپوئا" قبيلي وارن ۾ نوجوان چوڪرا طاقتور سوئر، "(۱) وئلبي" ۽ وڏي مڇي کائيندا آهن، تہ جيئن کين به انهيءَ جانور يا مڇيءَ جهڙي طاقت حاصل ٿئي. اتر آسٽريليا جا ڪي بقامي باشندا سمجهندا آهن تہ "ڪئنگرو" ۽ (۲) "ايمو" جي گوشت کائڻ سان اهي اڳي ڪان زياده وڏو ٽپو

۱- آسٽريليا ۽ ان جي آس پاس ٻيٽن جي جهڳٽن ۾ ڪئنگرو جانور جي نسل جو هڪ جانور، جنهن جون ٻ اڳيون ٽنگون پوين ڪان ننڍيون ٿيندينءُ آهن.

۲- آسٽريليا ڪنڊ جو هڪ وڏو پکي، جو شتر مرغ جهڙو هوندو آهي ۽ جنهن کي اڏامڻ جي قوت ڪانہ هوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي، يا زياده تيزيءَ سان ڊوڙي سگھندا. آسام جا "ميري" قبيلي وارا چيتي جي ماس جو مردن جي خوراڪ طور قدر ڪندا آھن، جو اھو ڪين طاقت ۽ همت ڏيندو آھي. پر "اھو عورتن لاءِ نا موزون آھي، چاڪاڻ ته اھو ڪين حد ڪان زياده مضبوط دل وارو بڻائي ڇڏيندو." ڪوريا ۾ واڳھ ۽ چيتي جا ھڏا زياده قيمت وارا ھوندا آھن، چو ته اھي همت پيدا ڪرڻ جا ذريعا سمجھيا ويندا آھن، سيئول ۾ ھڪ چيني باشندي پاڻ کي طاقتور ۽ سخت طبيعت وارو ڪرڻ لاءِ ھڪ سچو پٽاپٽي شينھن خريد ڪيو ۽ ڪيس ڪائي ڇڏيو. نارس قوم وارن جي ھڪ ڏند ڪٿا ۾ آنوند نالي ھڪ بادشاه جو پٽ، انگيٽالب، پنھنجي جواني ۾ ڍڇو ھوندو ھو، پر ھڪ بگھڙ جي دل ڪائڻ ڪان پوءِ ھو تمام دليرٽي پيو، ھيڪلٽو ھڪ رڇ جي دل ڪائي ۽ سندس رت پي، طاقتور ۽ باھمت مرد ٽي پيو.

مراقش ۾ ڳھل جي مريضن کي ماکوڙيون ڳڙ ڪائڻ لاءِ ڏنيون ويندیون آھن ۽ شينھن جي گوشت کائڻ سان ھڪ بزدل ماڻھو دليرٽي پوندو، پر ماڻھو پڪين جي دل کائڻ کان پرھيز ڪندا آھن ته متان ھو انھيءَ طرح ڍڇا ٽي پون. مرڪزي ايشيا جا ترڪ، جڏھن سندن ھارن مان ڪنھن کي گالھائڻ سکڻ ۾ دير لڳي ويندي آھي، تڏھن ڪيس ڪن پکين جون چپون کائڻ لاءِ ڏيندا آھن. اتر آمريڪا جي ھڪ ڳاڙھي ھندستانيءَ جو خيال ھو ته برانڊي دلين ۽ چين مان ليل ڪا دوا ھوندي، "چو ته" ھن چيو، "انھيءَ جي پيٽ بعد، آءٌ ڪنھن ڪان بہ ڪوبہ ڍڇندو آھيان ۽ آءٌ بھترين نموني ۾ گالھائيندو آھيان." جاوا ۾ سڀءَ جو ھڪ نديڙو جيت ھوندو آھي، جو رکي رکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ننڍي گهڙيال جي آلارم وانگر تيز آواز ڪندو آهي. چنانچه، جڏهن به ڪنهن ٻلڪ ناچ ڪرڻ واري چوڪري پنهنجي پيشي جي ڪارڪردگيءَ ۾ رڙيون ڪري ڪري، پنهنجو آواز گهگهو ڪري وڏو هوندو آهي، تڏهن ٽوليءَ جو اڳوان ڪيئن هن اعتقاد کان انهن جيتن ماڻ ڪجهه ڪارائيندو آهي، ته اهڙيءَ طرح هوءَ پنهنجو اصلوڪو آواز وڙي حاصل ڪندي آهي. انهن جيتن کي ڪڙڪائڻ کان پوءِ، هن جو آواز اڳي کان اڳرو ٿي پوندو. وچ آفريڪا جي درفور علاقي جا ماڻهو سمجهندا آهن ته جيرو روح جي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ ماڻهو ڪنهن به جانور جو جيرو کائي، پنهنجي روح کي وڏو ڪري سگهندو. جڏهن به ڪو جانور ذبح ڪيو ويندو آهي، تڏهن سندس جيرو ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪاڏو ويندو آهي، پر ماڻهو گهٽي احتياط کان ڪم وٺي. ان کي هڪ ڪونڊ لائيندا آهن، جو ته آن کي ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن جي صورت ۾ وڍيو، ۽ ڪجو ڪاڏو ويندو آهي. انهن ٽڪرن کي وات تائين چاقوءَ جي نوڪ يا ڪانيءَ جي تيز ڇهنب وسيلي پهچايو ويندو آهي. جيڪو به ماڻهو اتفاق سان جيرڙي کي هٿ لائي وجهندو آهي، تنهن کي جيري کائڻ کان تمام سختيءَ سان منع ڪئي ويندي آهي، جنهن کي اهو پنهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏي بدبختي سمجهندو آهي." زالن کي جيري کائڻ جي اجازت کان ڏني ويندي آهي، جو ته انهن کي روح ڪونه هوندو آهي.

وري ماڻهن ۾ دليري، عقلمندي ۽ بين اهڙين خوبين پيدا ڪرڻ لاءِ، عام طرح مثل ماڻهن جو ماس ڪاڏو ۽ رت پيتو ويندو آهي، ته جيئن متجهن اهي خوبيون پيدا ٿين، جن لاءِ خود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي مثل ماڻهو مشهور رهندا، يا وري جن کي خاص طور انهن حصن ۾ موجود سمجهيو ويندو آهي، سي ڪاڏا ويندا آهن. چنانچه، ڏکڻ اوڀر آفريڪا جي جابلو قبيلن ۾ ڪي اهڙيون رسمون آهن، جن موجب نوجوان ماڻهن جون مختلف ٽوليون يا جماعتون ٺاهيون ويندیون آهن ۽ انهن جي برادريءَ ۾ داخلا وقت جيڪي ساڻ سوڻ ادا ڪيا ويندا آهن، تن مان هڪ اهڙو ساڻ آهي، جنهن جو مقصد الهڙن ۾ دليري، عقلمندي ۽ ٻيون اهڙيون خصلتون پيدا ڪرڻ آهي. جڏهن ٻه ڪو اهڙو دشمن ماريو ويندو آهي، جنهن خاص دليري جو مظاهرو ڪيو هوندو آهي، تڏهن سندس جيرو جنهن کي طاقت جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي، سندس ڪَنَ، جن کي عقلمنديءَ جو مرڪز تصور ڪيو ويندو آهي، سندس پيشانيءَ جي چمڙي، جنهن کي اورچائيءَ جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي، سندس خصيه جن کي قوت جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي، ۽ ٻيا اهڙا عضوا جن کي ٻين خوبين ۽ خصلتن جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي، سندس جسم کان وڌي جدا ڪيا ويندا آهن ۽ کين پچائي ڪلور ڪيو ويندو آهي. انهيءَ رک کي ڏاڍي احتياط سان ڪنهن ڏڳي جي سنگ ۾ محفوظ رکيو ويندو آهي ۽ طهر جي وقت جيڪي رسمون ادا ڪيون ويندیون آهن، تن جي دوران ۾ انهيءَ کي ڪن ٻين جزن سان ملائي، ليئيءَ وانگر ٺاهيو ويندو آهي، جا قبيلي جو سردار نوجوانن کي لڳائيندو يا ڪارائيندو آهي. انهيءَ ذريعي سان مقتول دشمن جي طاقت، بهادري، عقلمندي ۽ ٻيون خوبيون ڪائيندڙن ڏانهن منتقل ٿيندیون سمجهيون ويندیون آهن. جڏهن جابلو "بسوٽو" قبيلي وارن ڪنهن ڏاڍي دليل دشمن کي قتل ڪيو هوندو آهي، تڏهن اهي بنان ڪنهن دير بدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي، سندس دل وڏي ڪائيندا آهن، ۽ تہ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ جنگ جي دوران ۾ اها ڪين همت ۽ طاقت بخشيندي. جڏهن سر چارلس مئڪارٿيءَ کي اشانٽي قوم وارن سنہ ۱۸۲۴ع ۾ قتل ڪيو هو تڏهن، جيو وجي ٿو تہ اشانٽي لشڪر جي سردارن سندس دل ڪائي ڇڏي هئي، ۽ تہ انهن کي اها اميد هئي تہ انهيءَ طرح ڪين مقتول دشمن جي دليري حاصل ٿيندي. سندس گوشت کي سڪائي، هيئين درجن وارن سردارن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو ۽ سندس هڏا تمام گهڻي زباني تائين، ڪوماسيءَ ۾ قومي طلسم طور محفوظ رکيا ويا هئا. نيو گرئنيڊا جا "نارا" قبيلي وارا گاڙها هندستاني، موقعي ملڻ سان، هسپانوي سپاهين جون دليون ڪائي ڇڏيندا هئا، جو انهيءَ طرح ڪين اها اميد ٿيندي هئي تہ هو پاڻ کي اهڙو بي دڏو ڪري ڇڏيندا، جهڙا *ڪئسٽيليا جا فوجي هئا. "سيئوڪس" قبيلي وارا گاڙها هندستاني دليرَ دشمن جي دل کي ڪٽي، سنهو ڪري، اهو پائوڊر ڪائيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح اهي مقتول دشمن جي طاقت حاصل ڪرڻ جي اميد رکندا هئا.

پر جتي ماٺهوءَ جي دل، سندس اصلوڪي مالڪ جي خوبين کي، ان جي ڪائيندڙ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ عام طرح ڪاڏي ويندي آهي، اتي اسين هيءَ گالهہ ڏسي چڪا آهيون تہ انساني جسم جو فقط اهو ئي حصو ناهي، جو انهيءَ مقصد لاءِ ڪاڏو ويندو آهي. چنانچہ، جنوبَ-مشرقي آسٽريليا جا "ڪيڊورا" ۽ "نگاريگو" قبيلن جا ماٺهو مقتول دشمنن جا هٿ ۽ پير ڪائيندا هئا، جو سندن اعتقاد هو تہ ائين ڪرڻ سان اهي مئل دشمنن جي همت ۽ ٻين خوبين جو ڪجهہ حصو حاصل ڪندا. ٽيو سائوٽ

* سورهين صديءَ جو هڪ هسپانوي فوجي سردار، جنهن ميڪسيڪو جو علائقو فتح ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويلس جي "ڪاميلا روئي" قبيلي وارا دلير ماڻهوءَ جي همت حاصل ڪرڻ لاءِ سندس دل ۽ جگر، پيئي ڪائيندا هئا. ٽونقئي ۽ ٻڌ هيءَ وهم عام آهي ته بهادر ماڻهوءَ جو جيرو اهڙن سيني ماڻهن کي بهادر بڻائيندو آهي، جي ان جو ڪجهه حصو ڪائيندا آهن. انهيءَ ساڳئي ارادي سان چيني باشندا، قاسيءَ تي لٽڪيل يا سزا طور قتل ٿيل بدنام ڏاڙيلن جو پيتو ڪائيندا آهن. سئرا واڪ جي "دياڪ" نسل وارا پنهنجن هٿن کي لرزي جي مرض کان محفوظ رکڻ ۽ پنهنجن گوڏن کي طاقتور بنائڻ لاءِ، مقتول ماڻهن جي هٿن جون تريون ۽ سندن گوڏن جو گوشت ڪائيندا هئا. "ٽولا لاڪي" قبيلي وارا، جي مرڪزي سيليبس ٻيٽ جا، انساني ميسين جا بدنام شڪاري آهن، بهادر ٿيڻ لاءِ، شڪار کيل ماڻهن جو رت پيئندا ۽ ميڇالو ڪائيندا آهن. فلپائين ٻيٽن جا اتالون قبيلي وارا پنهنجي مقتول دشمنن جي همت حاصل ڪرڻ لاءِ، سندن رت پيئندا آهن ۽ سندن هٿن جي ٻنئين پاسي جو ڪجهه حصو ۽ ٻيٽ جا عضوا کڄا ڪائيندا آهن. ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، فلپائين ٻيٽن جي هڪ ٻئي قبيلي، ايفيوگائو، جا ماڻهو دشمنن جي ميڇالن کي چوسيندا آهن. ساڳيءَ طرح، جرمن نيو گائنا جي "ڪائي" قبيلي وارا دشمنن جي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ، سندن ميڇالا ڪائيندا آهن. مغربي آفريڪا جي "ڪمبنڊا" قبيلي وارن ۾، جڏهن ڪو نئون بادشاه تخت نشين ٿيندو آهي، تڏهن هڪ بهادر جنگي قيديءَ کي قتل ڪيو ويندو آهي ته بادشاه ۽ سندس درباري انهيءَ جو گوشت کائين ۽ مقتول جي طاقت ۽ شجاعت حاصل ڪن. زولو قبيلي وارن جي بدنام سردار، ماڻوئانا، اهڙن ٽيهن سردارن جا، جن جي ماڻهن کي هن ناس ڪري ڇڏيو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اعتقاد کان پٽا پي ڇڏيا، تہ اهي ڪيس طاقتور بڻائي ڇڏيندا. زولو قوم وارن جو هيءُ خيال آهي تہ دشمنن جي پيشانيءَ جي مرڪزي حصي ۽ هڪ پيرونَ ڪائڻ سان، ڪين دشمن جي منهن ۾ گهوري نهارڻ جي طاقت نصيب ٿيندي. ڪنهن به جنگ جهڙيءَ مهم تي روانو ٿيڻ کان اڳ، سيليبس ۾، منهاسا قبيلي وارا مقتول دشمن جي وارن مان هڪ ڇڪ ويدي منجهائنس دليري ڇڪي باهر ڪيڻ لاءِ، ان کي ٻرڪندڙ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندا هئا، بهادريءَ جي انهيءَ عرق کي جنگي جوڌا پيئندا هئا. نيوزيلنڊ جو "سردار 'اتوئا' (ديوتا) هوندو هو، پر ڪي ديوتائون طاقتور ۽ ڪي بي طاقت هوندا هئا، منجهائن هر هڪ قدرتي طور، پاڻ کي پهرئين قسم جي ديوتائن منجهان هڪ شمار ڪرڻ جو خواهان هوندو هو، ان ڪري، انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا تجويز اختيار ڪئي ويئي هئي سا، پين جي روحن کي پنهنجي روح سان ملائي گڏ ڪرڻ جي هئي، چنانچہ، جڏهن کو جنگي جوڌو ڪنهن سردار کي قتل ڪندو هو، تڏهن هو پنهنجن آگوئن سان مقتول جون اکيون هڪدم باهر ڪڍي ڇڪائي چڌ يندو هو، چو تہ 'اتوئا ٽونگا' کي انهيءَ عضوي اندر مقيم سمجهيو ويندو هو، چنانچہ، هو نہ فقط اُن جي جسم کي قتل ڪندو هو، پر ساڳئي وقت پنهنجي دشمن جي روح تي پڻ قبضو ڪندو هو ۽ نتيجي طور هو جيترا گهٽا سردار قتل ڪندو هو، اوتريقدر سندس ديوتائي قوت ۾ اضافو ٿيندو هو."

هينئر هيءَ گاله سمجهڻ آسان آهي تہ چو هڪ وحشيءَ کي اهڙي ماڻهوءَ يا جانور جي گوشت کائڻ جي خواهش رهي ٿي، جنهن کي اهو ديوتائي سمجهي ٿو. ديوتا جي بدن کائڻ سان، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا جي وصفن ۾ قوتن ۽ شريڪ ٿيو پوي. ۽ جڏهن اهو ديوتا آن جو ديوتا آهي، تڏهن ڊاڪ جي رس سندس رت آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ماني کائڻ ۽ شراب پيئڻ سان هڪ پوجاري پنهنجي ديوتا جو سچو پچو جسم ۽ رت کائي ٿو. چنانچه، ڊيئونيسس جهڙي انگور جي ول جي ديوتا جي سالن سوڻن ۾ شراب پيئڻ عياشيءَ جو فعل نه، پر سنجيده نوعيت جو هڪ متبرڪ عمل آهي. ان جي باوجود، ڪو وقت اهڙو به آڇي ٿو، جڏهن عقلمند ماڻهوءَ لاءِ هن ڳالهه کي سمجهڻ دشوار ٿيو پوي، ته ڪوبه ماڻهو، پنهنجي هوش و حواس ۾ هيءَ قياس ڪيئن ڪري سگهي ٿو ته ماني کائڻ يا شراب پيئڻ سان هو هڪ ديوتا جي بدن ۽ رت کي کائي ٿو. "سسيرو" چوي ٿو ته "جڏهن اسين آن کي "سيريسس" ۽ شراب کي "باڪس" سڏيون ٿا، تڏهن اسين هڪ رواجي اصطلاح استعمال ڪريون ٿا. پر جڏهن اسين سمجهين ٿو ته ڪوبه شخص اهڙو پاگل آهي، جو اهو هيءَ اعتبار ڪري ته هو خود ديوتا کي کائي رهيو آهي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پاونجاهون

ديوتائي جانور کي ذبح ڪرڻ

۱- **مقدس ساز کي ذبح ڪرڻ:** مٿين باب ۾ اسان ڏٺو ته اهڙيون گهٽيون قومون، جن ايتري قدر ترقي ڪئي آهي، جو اهي بنيادي طور فقط زراعت تي گذران ڪرڻ جهڙيون ٿيون آهن، سي پنهنجن الٽي جي ديوتائن کي، آن ، جانورن وغيره جي اصلي صورت، يا جانورن ۽ ماڻهن جي اڌارين ورتل صورتن ۾ قتل ڪرڻ جون عادي رهيون آهن. هينئر، اسان کي اهو ڏيکارڻ باقي آهي ته زراعت پيشہ قومن وانگر، شڪاري ۽ مالدار قومون پڻ اهڙين هستين کي، جن کي اهي پوڄيندڙ آهن، ذبح ڪرڻ جون عادي رهيون آهن. اهي قابل پرستش هستيون، يا ديوتائون، جيڪڏهن اهي درحقيقت انهيءَ نالي سان سرفراز ٿيڻ جي قابل آهن، جن کي ريڍار پوڄيندا ۽ ڪائيندا آهن، محض ۽ خالص جانور هوندا آهن ۽ نه اهي جانور، جي بين فوق الفطري هستين جا نمائندا آهن. اسان جو پهريون مثال ڪئليفورنيا جي ڪاڙهن هندستانين سان ورتل آهي، جي سالي ۽ موافق آب و هوا واري آسمان جي هيٺان، سائي ۽ آباد ملڪ ۾ رهندي هئي، وحشيٽي جي هيٺين ڪان هيٺين ڏاڪي تي بيٺل آهن. انگاڪچيمم قبيلي وارا شهباز جي پوڄا ڪندا هئا ۽ سال ۾ هڪ دفعو سندس اعزاز ۾ هڪ زبردست ميلو منعقد ڪندا هئا، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي "پينسس" يا "پکين جي تقريب" سڏيندا هئا. تقريب لاءِ جيڪا تاريخ مقرر ڪئي ويندي هئي، سا تقريب ملهائڻ واري ڏينهن کان فقط هڪ شام اڳ، عام ماڻهن ۾ مشتهر ڪئي ويندي هئي ۽ هڪ خاص مندر (وئنقيچ) ڏاهن جون هڪدم تياريون ڪيون وينديون هيون جو، معلوم ٿئي ٿو، نوڪدار پٽين جو هڪ گول يا بيضوي شڪل جو لوڙهو هوندو هو، جنهن ۾ چنيگچنيچ ديوتا جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هڪ ميداني بگهڙ جي گاهه سان پريل ڪل بيضوي شڪل واري لوڙهي تي رکيل هوندي هئي. جڏهن مندر ٺهي تيار ٿيندو هو، تڏهن انهيءَ پکيءَ کي جلوس جي صورت ۾ نهايت سنجيدگيءَ سان نيون ويندو هو، جتي کيس هڪ قربانگاهه تي رکيو ويندو هو، جو خاص انهيءَ موقعي لاءِ تيار ڪيو ويندو هو. پوءِ سيٻاڻي نوجوان عورتون، شادي شده خواه ڪنواريون، هيڏانهن هوڏانهن، کي هڪ طرف ته ٻيون ٻئي طرف، ڊوڙڻ لڳنديون هيون، جو ته اهي پاڳل ٿي ويئون هيون. باقي ٻنهي جنسن جا معمر افراد خاموش تماشبين بڻيا بيٺا هوندا هئا ۽ انهن جا اڇوان رنگ ۽ ڪنين سان سينگارجي، پنهنجي پوڄا واري پکيءَ جي چوگرد نچندا هئا. انهن رسمن جي ختم ٿيڻ تي، اهي ماڻهو پکيءَ کي پڪڙيندا ۽ کيس وڏي مندر ڏانهن ولي ويندا هئا، مجمع جا سڀ ماڻهو انهيءَ عظيم نمائش ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ سردار جلوس جي اڳيان نچندا ۽ گائيندا هئا. مندر ۾ پهچڻ شرط اهي پکيءَ کي اهڙيءَ طرح قتل ڪندا هئا، جو سندس رت جو هڪ قطرو، ضايع نه ٿيندو هو. پکيءَ جي ڪل سڄي ۽ صحيح سالم لاش ويندي هئي ۽ اُن کي، ڪنين سميت بطور يادگار محفوظ ڪرڻ يا تقريبن ٽي پائڻ جي پوشاڪ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پائيلٽ" ٿاهڻ لاءِ محفوظ رکيو ويندو هو. پکيءَ جي لاش کي مندر اندر هڪ سوراخ ۾ دفن ڪيو ويندو هو ۽ پوڙهيون زالون سندس قبر جي چوڌاري اچي جمع ٿينديون ۽ روئنديون يا هلڪي آواز سان زوردار سڏڪا ڀرينديون هيون ۽ قبر ٻڌان مختلف قسمن جي اناج جا ٻج يا ڪاڏي جا ذرا اڇلائي، روئيندي روئيندي هيٺ چوندديون هيون، "تون چو ويڃي وئين ؟ ڇا، تون اسان وٽ بهتر حالت ۾ نه هجين ها؟ تون اسان وانگر "پائنول" (هڪ قسم جي ڪڙهي) ٿاهين ها، ۽ جيڪڏهن تون ويڃي نه وڃين ها، ته تون "پينسس" نه ٿين ها"، وغيره وغيره. جڏهن اها رسم پوري ٿيندي هئي، تڏهن وري به ناچ شروع ڪيو ويندو هو، جو ٽن ڏينهن ۽ راتين تائين جاري رکيو ويندو هو. جون ٽا ته "پينسس" هڪ عورت هوندي هئي، جا جبلن ۾ ويڃي ويندي هئي، جتي "ڪيس چنيگچينچ" ديوتا پکيءَ جي صورت ۾ تبديل ڪيو هو. سندن اعتقاد هو ته جيتوڻيڪ اهي هرسال پکيءَ جي قرباني ڪندا هئا، تڏهن به اها عورت ڪڏهن زنده ٿيندي هئي ۽ جبلن ۾ واقع پنهنجي گهرڏانهن واپس ويندي هئي. تنهن ڪان سواءِ سندن خيال هو ته "جيترو گهٽو انهيءَ پکيءَ کي ذبح ڪيو ويندو هو، اوترو ئي جو تعداد وڌندو ويندو هو، جو ته سڀني مختلف "ڪئپيٽين" ساڻي ٿي "پينسس" جي تقريب ملهائيندا هئا ۽ سندن پختو اعتقاد هو ته انهن سڀني موقعن تي جيڪي به پکي قربان ڪيا ويندا هئا، سي سڀئي هڪ ۽ اها ئي هڪ مادي هوندي هئي.

ڪثرت ۾ جنهن وحدت کي ڪئليفورنيا واري اهڙيءَ طرح فرض ڪيو آهي، سا نمايان آهي ۽ اها مقدس پکيءَ کي قتل ڪرڻ ۾ سندن ارادن کي واضح ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسلي زندگيءَ جو هڪ فرد جي زندگيءَ کان مختلف ۽ علحده هئڻ جو خيال، اسان کي ڪٿي ڪيتري قدر ۾ آسان ۽ نمايان نظر اچي، پر اهو خيال اهڙو آهي، جنهن کي ڪليئرينا جو هڪ وحشي سمجهي ئي نٿو سگهي. هو نسلي زندگيءَ کي انفرادي زندگيءَ کان ٻئي ڪنهن نموني ۾. تصور نه ٿو ڪري سگهي ۽ ان کي ۾ هو انهن ساڳين خطرن ۽ آفتن ۾ گهيريل سمجهي ٿو، جي هڪ فرد جي زندگيءَ کي ڏسڪائين ۽ آخرڪار قيست و نابود ڪن ٿيون. ظاهر آهي ته هو ائين سمجهي ڏو ته جيڪڏهن ڪنهن به نسل کي پنهنجي ليکي ڇڏي ڏبو، تہ اهو هڪ فرد وانگر پوڙهو ٿي، آخر مري ويندو ۽ ان ڪري ڪنهن مخصوص نسل کي، جنهن کي هو مقدس يا ديوتائي تصور ڪري ٿو، فنا ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڪو قدم کڻڻ گهرجي. انهيءَ بصيرت کي ٽارڻ لاءِ، جنهن اڪيلي ذريعي جو هو تصور ڪري سگهي ٿو، سو انهيءَ نسل جي ڪنهن اهڙي فرد کي قتل ڪرڻ جو آهي، جنهن جي نسن ۾ زندگيءَ جي وير اچا تائين زور سان وهي رهي آهي ۽ جا اچا وڏيءَ عمر جي ڏهن ۾ ڦاسي، هڪ هنڌ بيهي نه رهي آهي. هو سمجهي ٿو ته اها زندگي، جنهن جو هڪ نهر کان رخ ڦيرايو وڃي ٿو، سا هڪ نئينءَ نهر ۾ زياده تازگيءَ ۽ آزاديءَ سان وهندي، پين لفظن ۾ ڪٿي ڇڪجي ته ذبح ٿيل جانور ٻوڙه زنده ٿيندو ۽ جوانيءَ جي سڄي جوش ۽ اُمنگ سان. هڪ نئينءَ زندگيءَ ۾ قدم رکندو. اسان جي نظرن ۾ اها دليلبازي صاف طور غير معقول ۽ احمقانه آهي، پر ان سان گڏ اها رسم به ته اهڙي ئي احمقانه آهي، هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته انفرادي ۽ نسلي زندگين جي درميان "ساموئان" قبيلي وارن وٽ ساڳي ئي قسم جو سونجهارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. هرهڪ خاندان جانورن مان هڪ مخصوص جنس کي ديوتا جي حيثيت ۾ رکندو آهي، ان جي باوجود، انهن جانورن مان هڪ، مثال طور، الوءَ جو سوت، ديوتا جو سوت ڪونہ هوندو هو، "چو تہ ڪيس اڃا بہ زنده، ۽ دنيا جي سڀني زنده آلن ۾ موجود سمجهيو ويندو هو".

۲- **مقدس گهٽي کي ذبح ڪرڻ:** ڪئليفورنيا جي جنهن وحشيانہ رسم تي اسان تازو غور ڪيو آهي، تنهن جو هڪ قريبي متوازي مثال قديم مصري مذهب ۾ موجود آهي. ٽيسن جا رهواسي ۽ بيا سيٽي اهڙا مصري، جيڪي اٺين واري ديوتا "ائمن" جي پوڄا ڪندا هئا، سي گهٽين کي مقدس جانور سمجهندا هئا ۽ انهن کي قربان ڪونہ ڪندا هئا. پر، سال ۾ هڪ دفعو "ائمن" جي ميلي تي هڪ گهٽو قربان ڪيو ويندو هو ۽ ان جي ڪل لاهي، ديوتا جي مجسمي کي آن سان ملبوس ڪيو ويندو هو. پوءِ اهي گهٽي جي مٿان ويهي ماتم ڪندا هئا ۽ ڪيس هڪ مقدس قبر ۾ دفن ڪندا هئا. انهيءَ رسم جي سمجهاڻي هن آکاڻيءَ ذريعي ڏني ويندي هئي: تہ زيوس ديوتا هڪ دفعي هرڪيولس کي، گهٽي جي ڪل مٿي سان ڀڏي پنهنجو ديدار ڪرايو هو. هن حالت ۾ گهٽو، جانور - ديوتا هو، بلڪل اهڙي ئي نموني، جيئن بگهڙ لائڪوپولس وارن جو جانور - ديوتا هو ۽ ڪرسينديس وارن جو جانور - ديوتا هو. پين لفظن ۾ چئجي تہ گهٽو خود ائمن ديوتا هو. هيءَ حقيقت آهي تہ قديم زماني جي يادگارن تي ائمن ديوتا نيم - انساني صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي جسم ماڻهوءَ جو ۽ مٿو گهٽي جو آهي. پر انهيءَ مان هيءَ معلوم ٿي رهيو آهي تہ اهو انهيءَ ابتدائي بناوٽ واريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ۾ هو، جنهن ۾ ان سيني جانور - ديوتائن کي، انساني خصلتن وارن مڪمل ديوتائن جي صورت ۾ نمايان ٿيڻ کان پيشتر لنگهڻو پوندو آهي. ان ڪري گهمي کي ديوتا جي حضور ۾ قرباني طور هڪ جانور جي حيثيت ۾ نه، پر خود ديوتا جي حيثيت ۾ قربان ڪيو ويندو هو، جنهن جي انهيءَ جانور سان شناخت هن رسم ۾ صاف طور واضح ٿي رهي آهي، جنهن موجب ستڊنس مجسمي کي ذبح ٿيل گهمي جي کل ۾ وڌو ويندو هو. گهمي - ديوتا کي اهڙيءَ طرح سال بسال ذبح ڪرڻ جو سبب شايد اهو ٿي هوندو، جو سون ديوتا کي قتل ڪرڻ جي عام ۽ ڪليفورنيا وارن جي مقدس بازڪي قتل ڪرڻ جي خاص رسم متعلق ٻڌايو آهي. انهيءَ رسم کي، مصر سان لاڳو ڪرڻ جي صورت ۾، ڏڪي - ديوتا اپيس جي انهيءَ تشبيهه ۾ تقويت ملي رهي آهي، جنهن موجب انهيءَ ڏڪي کي ڪن سالن جي مقرر ٿيل عرصي کان وڌيڪ زنده رهڻ ڪونه ڏنو ويندو هو. انسان - ديوتا جي عمر جي اهڙيءَ طرح حد بندي ۽ ڪرڻ جو ارادو، جيئن سون دليل پيش ڪيو آهي، ڪيس وڏيءَ جمار جي ڪمزوريءَ ۽ ناتواني ۽ کان محفوظ رکڻ جو هو. اهو ساڳيو ئي دليل حيوان- ديوتا کي، جيڏن ٽيبس واري گهمي سان ڪيو ويندو هو، سال بسال ذبح ڪرڻ جي رسم - ممڪن آهي ته اها زياده قديم هئي - کي سمجهائڻ لاءِ ڪافي معلوم ٿي رهيو آهي.

ٽيبس واريءَ رسم جو هڪ نقطو — ديوتا جي مجسميءَ کي ذبح ٿيل گهمي جي کل پهرائڻ — خاص طور قابل توجه آهي. جيڪڏهن ديوتا شروعات ۾ زنده گهمو هو ته مجسمي ذريعي سندس نمائندگي ضرور ڪنهن پوئين دور جي ايجاد هوندي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال هيءَ آهي تہ ان جو بنياد ڇيو ڪيئن ؟ سوال جو هڪ جواب شايد انهيءَ جانور جي ڪل کي محفوظ رکڻ جي رسم ڀيا ڪري رهي آهي، جنهن کي مقدس سمجهي ذبح ڪيو وڃي ٿو. ڪئليفورنيا جا باشندا، جيئن اسين ڏسي چڪا آهيون، باز جي ڪل محفوظ ڪري رکندا هئا، ۽ انهيءَ ٻڪريءَ جي ڪل، جنهن کي لاباري واريءَ ٻنيءَ ۾ آڻڻ جي روح جي نمائندي طور ذبح ڪيو وڃي ٿو، مختلف وهمي مقصدن لاءِ محفوظ رکي ويندي آهي، ڪل کي، درحقيقت ڏيوتا جي علامت يا يادگار طور، يا البت منجهس ڏيوتائي زندگيءَ جي ٿوري گهڻي حصي جي موجودگي سمجهي، ڪيس محفوظ رکيو ويندو هو ۽ اُن کي ڏيوتا جي باقاعده مجسمي جي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ، فقط گاهم پرڻ يا ڪنهن پنجري مٿان چڪي چاڙهڻ جي ضرورت هئي. پهريائين تہ انهيءَ قسم جي مجسمي کي سال بسال نئون ڪرڻو پوندو هوندو، پر جو تہ نئين ذبح ٿيل جانور جي ڪل نئون مجسمو ڀيا ڪندي هئي. پر سالياني مجسمن کان مستقل مجسمن تائين عبور آسان آهي. اسان ڏٺو آهي تہ زياده قديم زماني جي هر سال نئين "مي - وڻ" ويڙهڻ جي رسم تي مستقل "مئي - لڪڙي" کي، جنهن کي، بهر حال، سال بسال تازن پنن ۽ گلن سان سينگاريو ويندو هو، ۽ ڪن حالتن ۾ تہ اُن جي مٿان تازو ننڍو وڻ ٻ چاڙهيو ويندو هو، هڪ هنڌ ڪوڙي چڏڻ جي رسم حاوي ٿيڻ ويئي. ساڳيءَ طرح، جڏهن ڏيوتا جي نمائندي طور گاهم سان ڀريل بوتي جي جاءِ، ڏيوتا جي ڪاٺ، پٿر يا ٻئي ڪنهن ڏاتوءَ سان ٺهيل مستقل مجسمي والاري، تڏهن مستقل مجسمي کي هر سال ذبح ٿيل جانور جي تازي ڪل پارائي ويندي هئي. جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملو انهيءَ منزل تي اچي پهتو، تڏهن گهٽي کي ڏيڻ ڪرڻ جي رسم جي بلڪل فطرتي طور اها معنيٰ ڪڍي ويئي تہ اها مجسمي جي حضور ۾ قرباني هئي، جنهن جي سمجهائڻ لاءِ انسان ۽ هرڪيولس جهڙي ڪالهه ايجاد ڪئي ويئي.

۳- **مقدس ڏانگ کي مارڻ :** مقدس جانور کي سال بسال مارڻ ۽ سندس ڪل کي محفوظ رکڻ جو اولهه افريڪا هڪ وڌيڪ مثال مهيا ڪري ٿي. فرنئنڊو پو نالي هڪ پيٽ ۾ "عيساپو" علائقي جا حبشي، ڪن واري ڪاريهر ڏانگ کي پنهنجو محافظ ديوتا ڪري سمجهندا آهن، جو کين فائدو يا نقصان رسائي سگهي ٿو ۽ مٿن دولت ۽ ثروت يا مرض ۽ موت نازل ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري جي ڪل جو پڇ واڙو پاسو هيٺ ڪري، ان کي جونڪ جي بالاتوين وڻ جي شاخ تان لٽڪايو ويندو آهي. ان جو وڻ تي لٽڪائڻ هڪ سالياني تقريب هوندي آهي. جيئن ئي اها رسم پوري ٿيندي آهي، تيئن گذريل سال اندر ڇاڻ سپني هارن کي باهر آڻي، سندن هٿن کي مٽي ڪري، ڏانگ جي ڪل جي پڇ کي لاڙايو ويندو آهي. اها پوئين رسم معصوم هارن کي قبيلي جي ديوتا جي زير حفاظت رکڻ جو صاف طرح هڪ رستو آهي. ساڳيءَ طرح سينيگامبيا ۾ "آزدها" قبيلي وارن جي هرهنگ مار وٺ، سندس جسم جي اڻ ڏينهن اندر آزدها ٻلا جي اچڻ جي اميد رکي ويٺندي آهي. ۽ قديم افريڪا جي "پسائلي"، يعني "ڏانگ" قبيلي وارا پنهنجن معصوم هارن کي اعتقاد کان ڏانگن اڳيان رکندا هئا. ٻيا قبيلا جن هلالي هارن کي ڏانگ کوڻ ضرر کوڻ رسائيندا.

۴- **پاڻي ۽ جي مقدس ڪمين کي کهڻ :** ڪليفورنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطبر ۽ فرنٽبو پو وارين رسمن ۾ جانور جي پوچا جو زراعت سان ڪوبہ تعلق معلوم ڪونہ ٿو ٿئي، ۽ ان ڪري هيءَ فرض ڪري سگهجي ٿو تہ اها انهيءَ زماني جي آهي، جڏهن معاشرو اڃان شڪاري يا مالداري نوعيت وارو هو، ساڳي ئي ڳالهہ هيٺينءَ رسم متعلق چئي سگهجي ٿي، حالانڪ نيو ميڪسيڪو جي "زوني" قبيلي جا ڳاڙها هندستاني جي اها رسم ادا ڪندا آهن، هن وقت لوڙهن اندر ٽاهيل شهرن يا ڳوٺن ۾ رهن ٿا ۽ زراعت، منيءَ جي برتن ٽاهڻ ۽ ڪپڙي اڻڻ جا پيشا اختيار ڪري ويٺا آهن. پر "زوني" قبيلي وارن جي رسم جا چند مخصوص پهلو اهڙا آهن جي ڪيس مٽي ذڪر ڪيل حالتن ڪان هڪ مختلف طبقي ۾ رکن ٿا، چنانچہ بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اُن کي هڪ عيني شاهد جي لفظن ۾ تفصيلوار بيان ڪجي.

"وچ اونهاري جي اڇ سان گرمي سخت تيز ٿي ويئي. منهنجو پاڻ (يعني ڳاڙهو هندستاني، دين جو پاڻ) ۽ آڻ، روز بروز پنهنجي گهر جي هيٺان وارين زير زمين ڏڏين ڪولين ۾ ويٺا هوندا هئاسين، - موخرالذڪر پنهنجيءَ عجيب و غريب صورت واريءَ ڏوڙيءَ ۽ بي دولن اوزارن سان ميڪسيڪو جي سڪن کي، ڪنگڻ، ڪمرپٽن، ايرينگن، بٽڻ وغيره جي صورت ۾، وحشين جي سينگار لاءِ ٺاهي رهيو هو، جيتوڻيڪ سندس اوزار بلڪل بي ڍنگا هئا، ان جي باوجود اهو صبر ۽ ڪاريگريءَ جي ميل ڇول سان جيڪو ڪم ڪڍي رهيو هو، سو حيرت انگيز نمونو سان خوبصورت هو. هڪ ڏينهن جڏهن آءٌ ويهي سندس ڪم کي جاچي رهيو هوس، تڏهن پنجاهہ ساٺهن جو هڪ جٿو تمام تيزيءَ سان ٽڪريءَ جي ڏاڪن ڏانهن لهندو ڏٺم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اولهه طرف ميدان وڏي هليو ويو. سندس اڳواڻي هڪ پادري ڪري رهيو هو، جنهن کي رنگ لڳل هو، جو ڪوڏين ۽ سپين سان سينگاريل هو ۽ سندن پٽيان "شو-لو-وٽ-سي" يا "باهه جو ديوتا" هو، جنهن جي هٿ ۾ بشعل هئي. جڏهن اهي سيئي غائب ٿي ويا، تڏهن سون وڏي پاڻ کان انهيءَ ڳالهه جو مقصد دريافت ڪيو.

"هتي جيو تہ اهي ڪا-ڪا شهر، ۽ اسان جي ٻين جي گهر ڏانهن ٽا وڃن، چار ڏينهن پوءِ سانڇهيءَ ڏاري، اهي 'ڪا-ڪوڪ-شي' يا 'سئي ناچ' ڄڻو خوبصورت لباس ۽ نقاب پائي، ساڳي ئي پيچري تان، هڪ پٽيان ٻيو ماٺهو ٿي، قطار ۾ واپس آيا ۽ هرهڪ جي هانهن ۾، پاڻيءَ جي جيئرين ۽ ڦٽڪندڙ ڪمين سان سان پريل هڪ هڪ ٽوڪرو هو، جنهن کي سنجهائڻ هرهڪ اهڙيءَ نزاڪت ۽ نفاست سان ڪٽي پئي آيو، جئين هڪ ماءُ ٻڌهنجي معصوم پار کي ڪٽي ايندي آهي. انهن مان کي بدبخت جانور ڏاڍيءَ حفاظت سان نرم ڪٽن ۾ ويڙهيل هٿا ۽ سندن مٿا ۽ اکيون ٽنگون باهر نڪتل هيون- ۽ جئين تہ اهي ڪنين سان سينگاريل زائرين جي ڪلهن تي سوار هيون. ان ڪري اهي ساڳيءَ حالت ۾ ڪنيل هاڻن جي خاڪن وانگر ڪيل جهڙو پر سنجيده نوعيت جو هڪ نظارو پيش ڪري رهيون هيون. انهيءَ ڏينهن شام جو، جئين آءُ منيءَ منزل تي رات جي ماڻي، ڪائنڊ ۾ مصروف هوس، تئين گورنر جو سالو اتي اچي نڪتو. سڄي ڪٽنب وارن هن جي اهڙيءَ گرمجوشيءَ سان آجيان ڪئي، جڏ تہ ڪو آسماني پيغامبر هو. سندس ڏکندڙ آڱرين ۾ پاڻيءَ جي تمام بدنام ۽ باغي ڪمين سان هڪ هئي. سندس هٿن ۽ اگهاڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيزن کي اڇا تائين رنگ، چنبڙيو پيو هو، جنهن مان مون هيءَ اندازو ڪيو تہ اهو انهيءَ مقدس سفارت مان هڪ هو.

"'سو، تون 'ڪا-ٽلو-ايل-لون' ڏانهن ويو هئين، هائو نہ؟' مون ڪانئس پڇيو.

"'هون،' ٽڪ وچان نڊال ٽيل انهيءَ ماڻهوءَ، جنهن جو آواز گهٽو وقت ننڍن آلاپڻ سبب گگهو ٿي ويو هو، جواب ڏنو ۽ جيئن اهو ذري گهٽ بيهوش ٿي، ڪلن جي هڪ ٿهيءَ مٿان اڇي ڪريو، جي خاص طور سندس اعزاز ۾ اتي ٺاهي رکيون ويئون هيون، تيئن هن تمام نزاڪت سان انهيءَ ڪميءَ کي اتي رکيو. ڪميءَ اڇا پاڻ کي آزاد محسوس مس ڪيو هو، تہ اها ايتريءَ تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڇرڪ ۽ ڏسڻ لڳي، جيتريءَ سان سندس لنگريون ڏنگون ڪيس ڪٽي ٿي سگهيون. خاندان جي سڀني پاتين گڏجي، هڪ ئي ماڻهوءَ وانگر بيخود ٿي، پنهنجو پنهنجو ٽالهي، چمچو ۽ پيٽ جو پيالو هٿن مان ڇڏيو ۽ اهي سيئي، ڪاڏي جي هڪ مقدس پيالي مان، منجهس پيل ڪاڏو ڪڍڻ ۾ ڪٽي، ڏاڍيءَ تيزيءَ سان ڪميءَ جي پٺيان سڄي ڪمري اندر، اونداهين ڪنڊن ڪڙڇن ۾، ڀاڄيءَ جي دلن جي چوڪرن، آنَ پيهڻ جي جنڊن پٺيان ۽ وري باهر فرش جي وچ ۾، پرارٿنا ڪندا ۽ سندس پٺيان ويندي ويندي انهيءَ جيَ پڻيءَ تي اهو ڪاڏو هاريندا، ڦرندا رهيا. آخرڪار، حيرت جيَ ڳالهہ آهي، جو اها ڪمي زخميل پيرن واري انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن واپس موٽي آئي، جنهن ڪيس اتي آندو هو. "'آها!' هن جذبي وچان رڙ ڪري چيو، 'ڏسو، ڏسو وري به مون ڏانهن پيئي اچي. آها، ڪهڙا تہ وڏا احسان سينيَ جا پير اڄ مون تي ڪري رهيا آهن'، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين تي ڪريل جلندڙ ٻتان نرميءَ سان هٿ ڦيرائيندي، هن پنهنجي هٿ جي تريءَ کي اڳنهو سلو ڪٽي، ديرتائين سنگهيو ۽ سڃاڻي وقت ديوتائن جي رحم ۽ ڪرم لاءِ پڪاريائين. پوءِ پنهنجيءَ ڪاڏيءَ هٿ تي رکي، پنهنجين وڏين ۽ حسرتناڪ اکين سان پنهنجي بدصورت قيديءَ کي ڏٺائين، جيڪو اهو ڪاڏي سان ٽقيل اکين کي چنيندو ۽ لسي فرش کي پنهنجي چنبن سان رهڙيندو، هيڏانهن هوڏانهن ٽاڪوڙا هڻندو، ڦري گهري رهيو هو. اهڙي نازڪ موقعي تي سون هڪ سوال پڇڻ جي همت ڪئي:

”تون هن کي وڃڻ چو نٿو ڏين، يا ڪجهه پاڻي چو نٿو پيارينس؟“

”انهيءَ ساڻهوءَ آهستي آهستي پنهنجون اکيون سون ڏانهن ڦيرايون، سندس منهن تي درد، غصي ۽ رحم جي جذبن جو هڪ عجيب اثر ظاهر ٿيو ۽ هوڏانهن پوڄا ۾ مشغول گهر جي پاتين منهنجي طرف مذهبي نوعيت جي پاڪ ڊپ وچان اکيون ڦاڙي، گهوريو نهاريو.

”ويچارا ننڍا ٻاڪ!“ هن چيو، ”توکي معلوم ناهي ته اهو جانور ڪيڏي قدر قيمتي آهي؟ هو ۽ مري؟ اهو هرگز نه مرندو، آءٌ توکي ٻڌايان ٿو ته اهو نه ٿو مري سگهي.“

”پر جيڪڏهن تون ان کي نه کارائيندين ۽ نه پاڻي پيئارينديون ته اهو يقيناً مرندو.“

”آءٌ توکي ٻڌايان ٿو ته اهو نه ٿو مري سگهي، سيائي! هو فقط پنهنجو گهر تبديل ڪندو ۽ پنهنجن پائرن جي گهر واپس ويندو. پر اوهو! ڇڳو، ڇڳو! توکي ڀلا ڪهڙي خبر؟“ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال ۾ غرق ٿي ويو. انڊي ٽيل ڪميءَ ڏانهن ڦرندي، هن وري چيو، "آهه! منهنجا ويچارا پيارا وڇايل هار يا ٻيءُ، منهنجي ٻيڙ يا ٽينڊڙ پاءُ! ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ڪير؟- ٽي سگهي ٿو ته خود منهنجو پرڏاڏو يا پرڏاڏي!' ۽ ائين چئي، هو انتهائي درد ناڪ نموني سان روئڻ ۾ اچي ڇڪيو ۽ سڏڪن جي شدت کان ڏکندي، جن جو پڙاڏو عورتن ۽ ٻارن طرفان ٿي اچي رهيو هو، هن پنهنجو منهن ڪٽي هٿن ۾ لڪايو. هن جي غمگين حالت تي، جا حالانڪ غلط فهميءَ جو نتيجو هئي، رحم ڪائيندي، سون ڪميءَ کي مٽي ڪنيو ۽ ڪيس چپن تائين آڻي، سندس ٽڏيءَ ۽ سخت پنيءَ تي چمي ڏني، پوءِ ڪيس زمين تي رکندي، آءٌ غمزده خاندان کي پنهنجي ماتم سرائي ڪرڻ لاءِ چڏي. باهر نڪري ويس. ٻئي ڏينهن، پوڄائن ۽ نرميءَ وارين منٿن، ۽ نذرانن سان غريب ڪميءَ کي قتل ڪيو ويو ۽ سندس گوشت ۽ هڏن کي ڪڍي، نديءَ نديءَ ۾ رکيو ويو، ته جيئن اها مٽلن جي ڏنڊ جي سياه پاڻيءَ ۾، پنهنجن رفيقن جي وچ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ابدي زندگي ماڻڻ لاءِ وڃي پهچي. سنگ پشت کي، احتياط سان ويڙي ۽ خشڪ ڪري، ناڇ جي جينجهڙ ۾ تبديل ڪيو ويو، جو هرڻ جي چمڙي جي هڪ ٽڪر سان ڍڪيل، آڇ ۾ منهنجي پاڻ جي گهر جي چت وارين دوٽهانٽيءَ پٽين سان لٽڪندو نظر اچي ٿو. هڪ دفعي "ناوا جو" قبيلي وارن جي ڪنهن ماڻهوءَ ان کي ڪاٺ جي چمچي جي قيمت تي خريد ڪرڻ چاهيو، ڪيس ڪاوڙ سان تڙيون ۽ ڏمڪيون ڏيئي، گهر سان ٻاهر ڪڍيو ويو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن راءِ ڏيڻ جي همت ڪري وڃي، ته ڪُمي هينئر زنده ڪانه هئي ته سندس اهو گفتو جيڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙڪن سان درياه وهائي چڏي ۽ ڪيس ياد ڏياريو وڃي ته هن فقط گهر تبديل ڪيا هئا ۽ "اسان جي گمشده پين" جي گهر ۾ هميشه لاءِ رهن واسطي ويا آهن."

انهيءَ رسم ۾ اسان کي انساني روحن جي ڪُمين جي جسمن ۾ تحليل ٿيڻ جي هن اعتقاد جو واضح ترين نموني ۾ اظهار ٿيل ملي ٿو. انساني روحن جي تحليل ٿيڻ جي نظريي جا "سوقي" قبيلي جا ٻاڙها هندستاني ٻڌ، جي "زوني" هندستانين واريءَ سان گڏ قوم سان وابستہ آهن، قائل آهن. "سوقي" قوم وارا قبيلائي علامتن رکندڙ قبيلن ۾ تقسيم ٿيل آهن، جهڙوڪ "ريڇ - قبيلو"، "بگهڙ قبيلو"، "سنهڙ - قبيلو" وغيره وغيره. سندن اعتقاد آهي ته سندن قبيلن جا ايا ۽ ڏادا ريڇ، هرڻ، بگهڙ، گهوڙيون وغيره هئا ۽ هن ڪالهه ۾ سندن پختو عقيدو آهي ته موت وقت هر هڪ قبيلي جا ماڻهو انهيءَ خاص قبيلي مطابق، جن سان اهي وابستہ هئا، ريڇ، هرڻ وغيره ٿي ويندا آهن. "زوني" قوم وارا اهڙن قبيلن ۾ تقسيم ٿيل آهن، جن جون قبيلائي علامتون "سوقي" قبيلي وارن جي علامتن سان قريبي طور متفق آهن ۽ سندن قبيلائي علامتن مان هڪ ڪُمي آهي. چنانچہ، ممڪن آهي ته ڪميءَ اندر انساني روح جي تحليل ٿيڻ ۾ سندن اعتقاد، سندن علامتي مذهب جو هڪ باقاعده جز آهي. پوءِ پلا، اهڙيءَ ڪميءَ کي مارڻ جي، جنهن ۾ ڪنهن عزيز ۽ خويش جي روح کي موجود سمجهيو وڃي ٿو، معنيٰ ڇا آهي؟ ظاهر طور مقصد هيءَ آهي ته ٻئي جهان سان آمدورفت قائم رکي ڏوجي، جنهن ۾ مئل ماڻهن جي روحن کي ڪُمين جي صورت ۾ موجود سمجهيو وڃي ٿو. هيءَ اعتقاد ته عام آهي ته دنيا کي رخصت ڪري وڃڻ وارن جا روح، گاه گاهي پنهنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلوڪن گهرن ڏانهن واپس ايندا آهن ۽ انهيءَ اعتقاد جي ماتحت انهن غيبي مهمانن جو زنده ماڻهو استقبال ڪن ٿا ۽ کين دعوتون ڪرائي ۽ وري پنهنجو رستو ڏيکاريو وڃي ٿو. "زوني" قوم وارن جي رسم ۾ ۽ مئل ماڻهن کي کمين جي صورت ۾ گهر آندو وڃي ٿو ۽ کمين کي مارڻ ۽ انهن روحن کي وري عالم ارواح ڏانهن واپس موڪلڻ جو هڪ رستو آهي. چنانچ ۽ ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رسم متعلق جيڪا عام سمجهاڻي مٿي ڏني ويئي آهي ۽ سا "زوني" قوم وارن جي رسم سان لاڳو نه آهي ۽ جو اُن جي اصلي معنيٰ کي هجهه قدر منجهيل آهي. ٿم وري کو اهو سونجهارو ۽ جو انهيءَ موضوع سڄاڻ لڪي ۽ کيس ڏندڙ ڪو بڻائي رهيو آهي ۽ پوئين زماني جي زياده مڪمل بيان سان ۽ جو انهيءَ رسم جي متعلق اسان وٽ موجود آهي ۽ مڪمل طور هٿي وڃي ٿو. ان سان اسان کي معلوم ٿي رهيو آهي ته اها رسم ۽ سائن سوڻن جي هڪ پيچيده نظام جو هڪ حصو آهي ۽ جنهن کي اهي هندستاني ۽ فصلن لاءِ مينهن جي ڇڇهي مقدار حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ ۽ وچ اونهاري جي وڏي کان وڏي ڏينهن تي ادا ڪن ٿا. انهيءَ موقعي تي "سندن ٻين روحن ۽ کمين" کي ڪوٽلووالاوا نالي مقدس ڏينهن سان ويٺي اچڻ لاءِ جيڏانهن ۽ عام اعتقاد مطابق ۽ مئل ماڻهن جا روح روانا ٿيندا آهن ۽ ايلچي اماٽيا ويندا آهن. جڏهن انهن جاندارن کي اهڙيءَ طرح سنجيدگيءَ سان "زوني" قوم وارن ڏانهن آندو ويندو آهي ۽ تڏهن کين پاڻيءَ جي هڪ ڪونڊي ۾ رکيو ويندو آهي ۽ سندن پاسي ۾ ۽ وردين ۾ ملبوس ماڻهو ناچ ڪندا آهن ۽ جي انهيءَ وقت ديوتائن ۽ ديوين جو ڪردار ادا ڪندا آهن. "انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم جي ادائگيءَ کان پوءِ، ڪمين کي آهي ماٺهو گهر ڪڍي ويندا آهن، جن انهن کي پڪڑيو هو ۽ آڻي ڪين صبح تائين چٽين جي پٽين ۾ ڳچيءَ کان لٽڪايو ويندو آهي ۽ پوءِ انهن کي ٻڪرندڙ پاڻيءَ جي برتنن ۾ اڇلايو ويندو آهي. سندن آڻن کي تمام لذيذ طعام سمجهيو ويندو آهي. گوشت کي، جو چمڙيءَ جي مرض کي شفايابَ ڪندڙ آهي، سواءِ دوا طور، مشڪل ئي هٿ لاتو ويندو آهي. گوشت جو ڪجهه حصو، (سفيد سهيءَ جا موتي) ۽ نيلم جي موتين سان گڏ "ديوتائن جي ڪائونسل" لاءِ نذرانن طور درياه ۾ جمع ڪيو ويندو آهي." اهو بيان، بهر صورت، هن قياس جي تصديق ڪري ٿو ته ڪمين کي مٿل ماٺهن جو ٻيو جنم سمجهيو وڃي ٿو، جو ڪين "زوني" قوم وارن جا "ٻيا روح" سڏيو وڃي ٿو، درحقيقت اهي، ڪمين جي جسمن اندر مٿل ماٺهن جي روحن کان علاوه، ٻيو ڇا ٿا ٿي سگهن، خاص طرح جڏهن اسين ڏسون ٿا ته انهن کي اهڙيءَ ڏنڊ مان آندو وڃي ٿو، جنهن ۾ مٿل ماٺهن جي روحن جو واسو آهي؟ جيئن ته وچ اونهاري وارين انهن رسمن جي ادائگيءَ جي موقعي تي جيڪي دعائون گهريون وڃن ٿيون ۽ جيڪي ناچ ڪيا وڃن ٿا، تن جو سول مقصد فصلن لاءِ مينهن حاصل ڪرڻ معلوم ٿئي ٿو، ان ڪري ممڪن آهي ته "زوني" قوم وارن ڏانهن ڪمين کي آڻڻ ۽ سندن اڳيان نچڻ جو مقصد، جانورن جي جسمن اندر ٻئي جنم اختيار ڪيل ونڊن جي روحن کي هن درخواست ڪرڻ جو آهي، ته اهي پنهنجن جيئرن وارثن جي فائدي لاءِ آسماني پاڻيءَ تي پنهنجي طاقت هلائڻ لاءِ راضي ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵- **مقدس رڇ کي مارڻ:** جڏهن جي "ييزو" يا "يسو" توڙي سڳهالين ۽ ڪيورائيل پيٽن جي ڏاڪڻي پيٽ ۾ ائنو يا ائڏو نالي جيڪي قديم النسل ماڻهو آباد آهن، سي جيڪا رڇ جي قرباني پيش ڪندا آهن، تنهن تي به پهرئين نظر ڪرڻ سان ان جي معني متعلق دل ۾ ڪجهه شڪ رهيو وڃي. ائنو قوم جو رڇ جي طرف جيڪو رويو آهي، تنهن کي بيان ڪرڻ کي آسان ڪرڻ کونهي. هڪ طرف تہ اهي ڪيس "ڪاموئي" يعني "ديوتا" جو نالو ڏين ٿا ۽ پر جئين تہ اهي اهو ساڳيو لفظ اجنبين سان به لاڳو ڪندا آهن، تئين ممڪن آهي تہ ان جو مفهوم هڪ اهڙيءَ هستيءَ ڪان زياده ڪجهه به نہ هجي، جا فوق‌البشري، يا هر حالت ۾، غير معمولي طاقتن سان نوازيل سمجهي ويندي هجي. وري هيئن به چيو ويندو آهي تہ "رڇ سندن ڪيڏ ديوتا آهي." "ائنو قوم وارن جي مذهب ۾ رڇ ڪيڏ ڪردار ادا ڪري ٿو." "جانورن ۾ فقط رڇ ئي آهي، جنهن جو اهي پوڄا جهڙو احترام ڪندا آهن." "اهي پنهنجي نموني سان ڪيس پوڇيندا آهن." "هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ کونهي تہ اهو جهنگلي جانور، انهيءَ جذبي کي، قدرت جي بي جان قوتن ڪان زياده آپاري ٿو، جو پوڄا ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو." ۽ ائنو قوم وارن کي رڇ جي پوڄا ڪندڙ قوم جي ٻالي سان تميز ڪري سگهجي ٿو." ان جي باوجود، ڪائنڊ جتي به پڄي سگهندو آهي، اتي اهي رڇ کي ماريندا آهن. "گذريل زماني ۾ ائنو قوم وارا رڇ جي شڪار کي، وقت صرف ڪرڻ جو سڀ ڪان زياده مردانو ۽ مفيد طريقو سمجهندا هئا." "مرد موسم خزان، سياري ۽ موسم بهار ۾ هڙڻن ۽ رڇن جو شڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن. سندن دلن جو ڪجهه حصو ڪلن جي صورت ۾ ادا ڪيو ويندو آهي ۽ اهي پاڻ خشڪ ٽيل گوشت تي گذران ڪندا آهن." رڄ جو گوشت، درحقيقت، انهن جي دائمي غذائن مان هڪ آهي، اهي ڪيس تازو ۽ لوڻ لڳائي خشڪ ڪرڻ کان پوءِ به کائين ۽ رڄن جون ڪلون انهن لاءِ لباس مهيا ڪنديون آهن. درحقيقت اها پوڄا، جنهن جو انهيءَ موضوع جا مصنف ذڪر ڪن ٿا، مثل جانور جي معلوم ٿئي ٿي. چنانچه، جيتوڻيڪ اهي رڄ کي، جتي به پڄي سگهندو اٿن، اتي ماريندا آهن، ان جي باوجود "سندس لاش کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ وقت، اهي انهيءَ ديوتا کي سجدن ۽ پين بي عزتيءَ جهڙن اشارن ڪرڻ سان راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جنهن جي نمائندي کي انهن ماريو هوندو آهي." "جڏهن ڪنهن رڄ کي ماريو ويندو آهي، تڏهن اٿو قوم وارا ان جي تعريف ڪرڻ ويهندا آهن، ڪيس سلام ڪندا آهن، پوڇيندا اٿس ۽ "اناثو" جا نذرانا پيش ڪندا اٿس." "جڏهن به ڪو رڄ چار ۾ ڦاسندو آهي يا تير سان زخمي ٿي پوندو آهي، تڏهن سندس شڪاري ڪانئس معافيءَ ونڻ يا ڪيس راضي ڪرڻ جي هڪ رسم ادا ڪندا آهن." ماريل رڄن جي ڪوپرين کي سندن جهوپڙين ۾ عزت واري جاءِ ملندي آهي يا وري انهن کي جهوپڙين جي ٻاهران مقدس لڪڻ تي چاڙهي ڇڏيندا آهن ۽ ڪين تمام گهٽي عزت ڏيندا آهن. ان کي هڪ قسم جو بيئر ۽ "سيڪ" نالي نشيدار شراب جا نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن، ۽ انهن ڪوپرين کي "خدائي حفاظت ڪندڙ"، يا "پيارا ديوتائون" جهڙن لفظن سان مخاطب ڪيو ويندو آهي. لومڙن جي ڪوپرين کي به جهوپڙين جي ٻاهران ڪتل مقدس لڪڻ ۾ وڏو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، انهن کي بد روحن جي خلاف جادوءَ جو جنتر سمجهيو ويندو آهي ۽ انهن جي وسيلي فال ڪڍيا ويندا آهن. ان جي باوجود، ظاهر ظهور چيو ويندو آهي ته "جيئري لوبڙ جي ايتريقدر ئي ٿوري پوڄا ڪئي ويندي آهي، جيتريقدر هڪ جيئري رڇ جي، الٽو ان کي هڪ جرفتي جانور سمجهي، اهي ماڻهو ڪائنس، جيتري قدر ڪائنس ٿي سگهندو آهي، اوتري قدر پاسو ڪندا آهن." رڇ کي ان ڪري، ائنو قوم وارن جو مقدس جانور، ۽ نه وري ڪيس سندن قبيلائي علامت ئي ڇئي سگهجي ٿو، ڇو ته اهي پاڻ کي رڇ سڏيندا آهن ۽ اهي انهيءَ جانور کي آزاديءَ سان ماريندا ۽ کائيندا آهن. بهرحال، وڏن هڪ عورت جي هڪ روايت مشهور آهي، جنهن کي رڇ جي اولاد مان پٽ ڄائو هو، ۽ منجهائنس گهٽا اڌڙا ماڻهو، جيڪي جبلن ۾ رهندا آهن، سي رڇ جي اولاد هئڻ تي فخر ڪندا آهن. "اڌڙن ماڻهن کي رڇ جا وارث" (ڪمون ڪاسوئي سئنيڪيري) سڏيو ويندو آهي ۽ اهي فخر وچان چوندا آهن ته "جيستائين سنهنجو سُوال آهي، آءٌ ته جبلن جي ديوتا جو پٽ آهيان، آءٌ انهيءَ ديوتائي هستيءَ جو وارث آهيان، جو جبلن ۾ حڪومت ڪري ٿو"، جنهن ۾ "جبلن جي ديوتا" مان سندس مقصد رڇ کان سواءِ ٻيو ڪونه هوندو آهي. اُن ڪري ممڪن آهي ته جيئن انهيءَ موضوع تي اسان جي مڪمل اختياريءَ، قابل احترام، جي- بيچلر، جو اعتقاد آهي، ته رڇ ائنو قوم جي ڪنهن قبيلي جي قبيلائي علامت ٿي گذريو آهي، پر اُهين ڪٿي هجي ها، تڏهن به انهيءَ احترام جي وجه قابل فهم ناهي، جيڪو اها سڄي قوم رڇ ڪي ڏئي ٿي.

پر هن جاءِ تي جنهن ڳالهه سان اسان جو واسطو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا آهي اڻنو قوم وارن جي رڄ جي تقريب، سياري جي آخر ڌاري رڄ جو هڪ ڇڙو ڦاسائي ڳوٺ ۾ آندو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو ڇڙو تمام ننڍو هوندو آهي، تہ ان کي اڻنو قوم وارن جي ڪا عورت پنهنجي ٽيڄ ڌارائيندي آهي، پر جيڪڏهن ڪا اهڙي عورت موجود ڪانہ هوندي آهي، جا کيس ٽيڄ ڌارائي سگهي، تہ ان صورت ۾ کيس هٿ سان يا وات ذريعي ڪارايو ويندو آهي. ڏينهن جو اهو جهوپڙيءَ ۾ ٻارن سان ڪڏندو رهندو آهي ۽ کيس ڏاڍو پيار ڏنو ويندو آهي. پر جڏهن اهو ڇڙو ايتري قدر وڏو ٿي ويندو آهي، جو پاڪر پائي سگهندو آهي يا ڪنهن سان ماٺهن کي درد رسائڻ لڳندو آهي، تڏهن کيس ڪاٺ جي هڪ مضبوط پنجري ۾ بند ڪيو ويندو آهي، جتي اهو عام طرح ٽن يا ٽن سالن تائين رهندو آهي، جنهن جي دوران ۾ کيس سڄيءَ ۽ مڙن جي پت تي پاليو ويندو آهي، تانجو اهو وقت اچي ويندو آهي، جڏهن کيس ذبح ڪري ڪاڏو ويندو آهي. پر "هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل توجہ آهي تہ ننڍڙي رڄ کي پاڻ لاءِ محض سڻي غذا مهيا ڪرڻ واسطي ڪونہ رکيو ويندو آهي، البتہ کيس هڪ جادوگر يا اڃا بہ ڪنهن زياده اعليٰ هستيءَ جي حيثيت ۾ عزت ڏني ويندي آهي." ڏيزو پيٽ ۾ اها تقريب گهڻو ڪري سيپٽمبر يا آڪٽوبر ۾ ملهائي ويندي آهي. تقريب جي شروع ٿيڻ کان اڳ اڻنو قوم وارا پنهنجن ديوتائن کان معافي ونڊندا آهن ۽ هيءَ دعا ڪندا آهن تہ ڪائنس جيترو وقتہ ٿي سگهيو، اوتري تائين انهن رڄ سان رحمدليءَ وارو سلوڪ روا رکيو ۽ هينئر اهي کيس وڏيڪ ڪارائڻ جي قابل ناهن، جنهن ڪري کيس مارڻ لاءِ مجبور آهن. جيڪو ماٺهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رچ جي دعوت ڏيندو آهي، سو پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي مدعو ڪندو آهي، ننڍي ڳوٺ ۾ ذري گهٽ سڄي برادري محفل ۾ شريڪ ٿيندي آهي، درحقيقت دور دراز ڳوٺن جي جن مهمانن کي مدعو ڪيو ويندو آهي سي، گهڻو ڪري مفت ۾ شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿيڻ جي آسري تي اچي سهڙندا آهن. دعوت جو نمونو، ٽورو گهڻو هيئن هوندو آهي: "آءٌ فلاڻو پٽ فلاڻو انهيءَ ننڍڙيءَ پياريءَ مقدس شيءَ کي قربان ڪرڻ وارو آهيان، جا جبلن ۾ رهندي آهي. منهنجا دوستو ۽ آڻاٽو، اوهين محفل ۾ اچي شريڪ ٿيو، پوءِ اسين سڀيئي گڏجي ديوتا کي واپس موڪلڻ جي وڏيءَ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندا سون. اچو!" جڏهن سڀ مائٽو پنچري جي سامهون جمع ٿي ويندا آهن، تڏهن انهيءَ موقعي ۽ مقصد لاءِ جيڪو مقرر منتخب ڪيو ويندو آهي، سو رچ کي مخاطب ٿي چوندو آهي ته اهي ڪيس سندس ابن ۽ ڏاڏن ڏاڏهن موڪلڻ وارا آهن. اهي جيڪي ڪجهه ڪرڻ وارا هوندا آهن، تنهن لاءِ اهو مائٽو ڪائنس معافيءَ جي التجا ڪندو آهي، ساڻ ئي هو اها به اميد رکندو آهي ته هو ڪٿن ناراض ڪونہ ٿيندو ۽ ڪيس هيءَ خاطري ڏيئي آڻت ڏيندو آهي ته سندس ڏکيي سفر تي آن لاءِ گهٽيئي سنهيون ويڙيل پاڪ ڪائڙيون (اناڻو)، گهٽيئي نان ۽ جام شراب ڪيس ساڻ ڏنو ويندو. انهيءَ قسم جي هڪ تقرير، جا مسٽر بئچلر ڏٺي هئي، سا هيئن هئي: "اي مقدس هستي! توکي هن دنيا ۾ آسان جي شڪار لاءِ موڪليو ويو. اي تون فاضل قدر ننڍڙا ديوتا! اسين تنهنجي پوڄا ڪري رهيا آهيون، مهرباني ڪري آسان جي دعا ڪر. آسان توکي تمام گهڻن ڏکن ڏاکڻن سان پاليو ۽ وڏو ڪيو آهي، سو فقط هن ڪري، جو اسين توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام گھٹو پيارو ٿا گھرون. هينئر، جڏهن تون وڏو ٿيو آهين، تڏهن اسين توکي تنهنجي پيءُ ۽ ماءُ ڏانهن موڪلڻ وارا آهيون. جڏهن تون وٽن پهچين، تڏهن مهرباني ڪري اسان جي نيڪي ڪجانءِ ۽ ڪين ٻڌائجانءِ ته اسين تو سان ڪيتري قدر مهربان رهيا آهيون، مهرباني ڪري اسان ڏانهن وري واپس اچجانءِ ۽ اسين توکي قربان ڪنداسون." ٻوءِ ڪيس رسن سان مضبوط جڪڑي پچري کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي ۽ ڪيس غصي ڀريل لاءِ، مٿس مڊن تيرن جو وسکارو شروع ڪيو ويندو آهي. جڏهن رڇ اجائي پٿ ڪوه ڪري پنهنجي طاقت ختم ڪري چڪندو آهي، تڏهن ان کي هڪ ڪلي سان ٻڌو ويندو آهي ۽ ٻوٽاڙي ٻڌي، هن طرح گهٽيو ويندو آهي جو سندس ڇڇيءَ کي ٻن لکڙن جي وچ ۾ رکيو ويندو آهي، جن کي ڏاڍي زور سان دٻايو ويندو آهي. سڀ ماڻهو انهيءَ جانور جو گهٽي ساهه ڪڍڻ لاءِ ڏاڍي شوق سان هٿ وڌائيندا آهن. ٻوءِ هڪ هوشيار نشاني باز انهيءَ جانور جي دل ۾ هڪ تير ۽ ڇوڙيندو آهي، ۽ اهو اهڙي نموني هنيو ويندو آهي، جو منجهائنس رت جو هڪ قطرو به نه ڪري، ڇو ته اهي ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن رت جو هڪ ڦڙو به وهي، زمين تي هيٺ ڪرندو، ته اها بد بختيءَ جي علامت آهي. بهر حال، مرد ڪڏهن ڪڏهن ان جو گرم گرم خون پي ويندا آهن، ته جيئن ان جي همت ۽ ٻيون سڀ خوبيون منجهن منتقل ٿي وڃن." ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي پاڻ کي ۽ پنهنجن ڪٻڙن کي اهو رت ڇڏيندا آهن، ته جيئن شڪار ۾ ڪين ڪاميابيءَ جي خاطري رهي. جڏهن جانور کي گهٽي ماريو ويندو آهي، تڏهن سندس ڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڻي، ۽ سسي ويڊي جدا ڪئي ويندي آهي، ۽ ان کي گهر جي اوپر. طرف واريءَ دريءَ ۾ رکيو ويندو آهي، جتي خود سندس گوشت جو هڪ ٽڪر، سندس پڙ ڪيل گوشت جي هڪ پيالي، منڙن جي ڪجهه نندڙن نانن ۽ خشڪ مڇيءَ سان گڏ رڌ جي ٻوٽ وٽ رکيا ويندا آهن. پوءِ رڌ جي حضور ۾ دعائون پڙهيون ويندیون آهن؛ پين ڳالهين کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن ڪيس مدعو ڪيو ويندو آهي ته اهو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ وٽ وڃڻ کان پوءِ وري دنيا ۾ واپس اچي ته جيئن کيس وري قرباني لاءِ پاليو وڃي. جڏهن سمجهيو ويندو آهي ته رڌ پنهنجو گوشت کائي پورو ڪيو آهي، تڏهن اهو ماڻهو، جيڪو انهيءَ تقريب جي صدارت ڪندو آهي، پڙ ڪيل گوشت وارو پيالو اچي ڪٽندو آهي ڪيس سلام ڪندو آهي ۽ ان ۾ پيل گوشت سيني حاضرين ۾ تقسيم ڪندو آهي؛ سيني ماڻهن، جوانن توڙي پوڙهن لاءِ ٿورو ٿورو چکڻ ضروري هوندو آهي. انهيءَ کي "نذراني جو پيالو" سڏيو ويندو آهي، جو ته اهو تازوئي مئل رڌ کي آڇيل هوندو آهي. باقي گوشت جڏهن رڌجي ويندو آهي، تڏهن ان کي ساڳئي نموني سان سيني ماڻهن ۾ اهڙيءَ طرح تقسيم ڪيو ويندو آهي، جو هرهڪ ماڻهوءَ کي ٿورو گهڻو ذرو ڪائڻ لاءِ ملندو آهي، دعوت ۾ حصو نه وٺڻ برادريءَ مان نيڪاليءَ جي مترادف آهي ۽ خلاف ورزي ڪرڻ واري کي "ائنو" برادريءَ مان باهر ڪڍيو ويندو آهي. اڳين زماني ۾ رڌ جي گوشت جو هرهڪ ذرو، سواءِ هڏن جي، دعوت ۾ ٿي کائي کپائڻو هوندو هو، پر انهيءَ قاعدي کي هينئر نرم ڪيو ويو آهي. مٿي کي ڪل کان جدا ڪرڻ کان پوءِ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي لکڻي تي چاڙهي، سنهين مقدس ڪائڙين (انائو) جي قريب، گهر جي ٻاهران ڪڙو ڪيو ويندو آهي، جتي اهو تيسين رهندو آهي، جيسين ان مان فقط اچو-هڏو وڃي باقي بچندو آهي، ڪوپرين کي نه فقط تقريب جي وقت، پر گهڻن ٻين وقتن تي به تيستائين پوڄيو ويندو آهي، جيستائين اهي هلندڙيون آهن. "اڻنو" قوم وارن مسٽر بڄجار کي خاطري ڏني ته اهي سچ پچ هن باري ۾ پختو اعتقاد رکندا آهن ته جيڪي جانور قابل پرستش آهن، تن جا روح سندن ڪوپرين ۾ رهندا آهن. اهوئي سبب آهي، جو اهي کين "خدائي حفاظت ڪندڙ" ۽ "قابل قدر ديوتائون" ڪري سڏيندا آهن.

رچ کي مارڻ جي هڪ رسم ڊاڪٽر بي - شيوبي ڏهين آگسٽ تي ڪُنڊوئي وٽ ڏٺي، جو ٻيزو يا ٻيسو نالي هڪ ٻيٽ ۾ والڪنو آپسمنڊ تي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. جئين ته انهيءَ رسم جي سندس ڏنل بيان ۾ ڪي اهڙا دلچسپ تفصيل سمايل آهن، جي مٿي ذڪر ڪيل بيان ۾ ڇاڻايل ڪينهن، ان ڪري ممڪن آهي ته سندس بيان جي اختصار ڏيڻ مان ڪجهه فائدو حاصل ٿي پوي.

جهوپڙيءَ اندر قدم رکڻ سان هن اڻنو قوم جا اڪثر ٽيهه کن ماڻهو، جن ۾ مرد، زالون ۽ ٻار شامل هئا، پنهنجين بهترين پوشاڪن ۾ ملبوس ٽيل موجود ڏٺا. گهر جي مالڪ سڀ کان پهريائين آتش دان ۾ شراب هاري، باهم جي ديوتا کي نذرانو پيش ڪيو ۽ سيني مهمانن سندس مثال وٺي ائين ڪيو. پوءِ گهر - ديوتا کي جهوپڙيءَ جي اندر سندس مقدس گوشي ۾ ساڳيو ئي نذرانو پيش ڪيو ويو. ان وچ ۾ گهر ڏياڻي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڄ کي پالي وڏو ڪيو هو، خاموشيءَ ۽ غمگين حالت ۾ تنها ويٺي رهي ۽ رکي رکي، سڏڪا پري لڙڪ وهائي رهي هئي. سندس غم، ظاهر هوڻ حقيقي ۽ اصلي هو جو، جئين جئين محفل گرم ٿيندي رهي، تئين تئين اهو زياده وڌندو رهيو. ان کان پوءِ گهر جو مالڪ ۽ کي مهمان جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويا ۽ رڄ جي پنڇري اڳيان شراب اوتي، ۽ اتي ٻه اهو نذرانو پيش ڪيو. شراب جا ڪجهه ڦڙا ٽنالهيءَ ۾ وجهي، رڄ اڳيان پيش ڪيا ويا، جنهن کي هڪدم اونڌو ڪري چڏيو ويو، پوءِ عورتن ۽ ڇوڪرين رڄ جي پنڇري جي چوڌاري ناچ شروع ڪيو، سندن منهن پنڇري جي طرف قريل، ۽ گوڏا ٿورا هيٺ جهڪيل هئا ۽ اهي پيرن جي پهن تي مٿي ٽپ ڏيئي رهيون هيون. اهي جيئن نچندڙيون رهيون، تيئن هٿن سان تاڙيون وڄائيندڙيون ۽ هڪ ٻئي ٽڪائيندڙ سُر ۾ راڳ گائيندڙيون رهيون. گهر جي مالڪياڻي ۽ ڪجهه پوڙهيون عورتون، جن پنهنجيءَ عمر ۾ گهٽيئي رڄ پالي وڏا ڪيا هوندا، اکين ۾ آب آڻي، رڄ ڏانهن ٻانهون ڦهيون ڪري ۽ ڪيس محبت آميز لفظن ۾ مخاطب ٿي، نچي رهيون هيون. نوجوان ماڻهو زياده متاثر ڪونه هئا، اهي ڪليا ۾ پئي ۽ نچيا ۽ پئي. انهيءَ گوڙ ۽ گهمسان کان بي آرام ٿي، رڄ پنهنجي پنڇري اندر ڏکي ڏوڙي رهيو هو ۽ ڪاوڙ ۾ گجي رهيو هو. پوءِ "اناڏو" (اناٻوز) يا مقدس ڪائڙين وٽ، جي "ائنو" قوم وارن جي جهوپڙين جي ٻاهران ڪٽل هوندين آهن، شراب جو نذرانو پيش ڪيو ويو. اهي ڪائڙيون الڳ ۽ ڪن فوٽ ڦهيون هونديون آهن ۽ انهن کي چلي، مٿي سنهو ۽ پيچدار ٻڌايو ويندو هو. انهيءَ تقريب جي خاص موقعي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنج نيون ڪائڙيون، جن کي بانس جي لکڙيءَ جا پن لڳل هئا، ڪوڙيون ويون هيون. جڏهن ٻ رڇ کي ماريو ويندو آهي، تڏهن باقاعدگيءَ سان اهڙيون ڪائيون ڪوڙيون ويندڙيون آهن، پنن جي معنيٰ اها هوندي آهي ته جيئن رڇ وري ٻ زنده ٿئي. ٻوءِ رڇ کي پنجري کان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو، سندس گردن جي چوڌاري رسو وڌو ويندو هو ۽ ٻوءِ ان کي جهوڙيءَ جي آس پاس ڦيرايو گهمايو ويندو هو. جڏهن ائين ٿي رهيو هو، تڏهن مرد، هڪ سردار جي اڳوانيءَ هيٺ، رڇ کي تير هڻي رهيا هئا، جن جي نوڪن کي ٻڌل لڳل هئا. ڊاڪٽر شيوب کي پڻ ائين ڪرڻو پيو. ٻوءِ رڇ کي مقدس ڪائڙين وٽ نيون ويو، هڪ ڪاڻي سندس وات ۾ وڌي ويئي، نو ماڻهو مٿانس جهڪيا ۽ سندس گردن کي هڪ شهتير سان دٻايائون. پنجن منڊن اندر جانور، بنا ڪنهن آواز ڪرڻ جي، مري ويو. انهيءَ وچ ۾ عورتون ۽ چوڪريون مردن جي پٽيان اچي ٻيٺيون هيون، جتي اهي نچن ٻ پيٽون، تہ ماتم ٻ ڪن پيٽون ۽ انهن ماڻهن کي ماري ٻ رهيون هيون، جي رڇ کي ماري رهيا هئا. رڇ جي لاش کي ٻوءِ مقدس ڪائڙين وٽ هڪ تڏي مٿان رکيو ويو، ۽ هڪ ترار ۽ ترڪش، جيڪي ڪائڙين مان ڪڍيا ويا، رڇ جي گردن ۾ لٽڪايا ويا. رڇڻي هڻڻ سبب، ڪيس هار ۽ ايرينگن سان ٻ سينگاريو ويو هو. ٻوءِ سندس اڳيان منڊن جي پٽ، منڊن جي نانن ۽ "سيڪ" جي شراب جي صورت ۾ ڪاڏو پيتو رکيو ويو. مرد ٻوءِ تڏن تي مٿل رڇ جي چوڌاري ويهي رهيا، مٿانئس شراب اوتيندا رهيا ۽ پاڻ ٻ خوب پيئندا رهيا. ان وچ ۾ عورتن ۽ چوڪرين غم ۽ ماتم جون سڀ نشانيون ڪٽي ڦٽيون ڪيون هيون ۽ ڏاڍيءَ خوشيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان نچڻ لڳيون، پر انهن ۾ پيون ڪي ۽ اهڙيءَ خوشيءَ سان نہ پئي نچيون، جيتريءَ سان پوڙهيون زالون ناچ ۾ مشغول هيون. جڏهن خوشي پنهنجي عروج تي پهتل هئي، تڏهن "ائنو" قوم وارن مان ۽ اهي نوجوان، جن رچ کي پنجري مان ٻاهر ڪڍيو هو، جهوپڙيءَ جي ڇت تي مٽي چڙهي ويا ۽ مٽرن جانڊا نان سينو حاضرين جي مٿان اڇلائڻ لڳا، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سيئي ڇڪ، عمر يا جنس جي امتياز کان سواءِ هڪڙي مٿان ڪرڻ لڳا. پوءِ رچ جي ڪل لاٿي ويئي، سندس آندا گونڊا ڪڍيا ويا، سندس ڏڙ کي سريءَ کان جدا ڪيو ويو، جنهن سان سندس ڪل اٽڪيل رهي. رچ جي رت کي پيالن ۾ پريو ويو هو. مرد شوق سان هڪ گيت ۾ اهو رت پي رهيا هئا ڪاڪ عورت يا ڪوبار رت پيئندو نظر ڪونہ آيو، حالانڪ رسم مطابق ڪين ان جي ڪا ممانعت ڪانہ هئي. جيري جا سنها سنها ٽڪر ڪيا ويا. جنهن کي ماٺهو لوڻ لڳائي ڪچو ڪائي رهيا هئا ۽ ان سان عورتن ۽ هارن کي ۽ سندن حصو مليو. پوءِ گوشت ۽ پيا ضروري حصا گهر پهچايا ويا، جتي انهن کي ايندڙ ٻئي ڏينهن تائين رکڻو هو ۽ پوءِ ڪيس انهن ماٺهن ۾ تقسيم ڪرڻو هو، جي دعوت ۾ شريڪ ٿيا هئا. ڊاڪٽر شيوب کي ۽ رت ۽ جيرو آڇيو ويو. جڏهن رچ جا آندا گونڊا جدا ٻئي ڪيا ويا، تڏهن عورتن ۽ چوڪرين اهو ساڳيو ناچ شروع ڪيو، جو انهن شروعات ۾ نچيو هو— پجري جي چوڌاريءَ نہ، پر مقدس ڪائڙين جي سامهون. انهيءَ ناچ تي پوڙهيون زالون، جي هڪ گهڙي اڳ خوش ٿي رهيون هيون، وري ۽ زارو زار روئڻ لڳيون. رچ جي منڊيءَ مان جڏهن ميجالو ٻاهر ڪڍي علحده ڪيو ويو ۽ ڪيس لوڻ سان ڪچو ڪاڏو ويو، تڏهن سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوپري کل کان جدا ڪري، مقدس ڪائڙين جي پاسي ۾ ڪتل لڪڙي تي لٽڪائي ويئي، جيڪا لٽ رڄ جي وات ۾ لنگهائي ويئي هئي، سا به لڪڙي سان ٻڌي ويئي ۽ جيڪا تلوار ۽ جيڪو ترڪش رڄ جي لاش سان ٻڌي لٽڪايا، سي به لڪڙي کي ٻڌا ويا. انهن ٻوڙن شين کي اٽڪل هڪ ڪلاڪ اندر اڃان هٽايو ويو، پر باقي بين کي اتي ئي ڇڏي ڏنو ويو. پوءِ سڀ ماڻهو، مرد، زالون ۽ ٻار لڪڙي اڳيان شور و غل مچائي، نچڻ لڳا، آخر ۾ شراب جو هڪ وڏيڪ دور هليو. جنهن ۾ عورتون پڻ شريڪ ٿيون، جنهن کان پوءِ محفل ختم ٿي.

"اٿنو قوم وارن جي رڄ جي دعوت جو سڀني کان ڀهريون شايع ٿيل بيان شايد اهو آهي، جو هڪ جهاڻي مصنف سنہ ۱۶۵۲ع ۾ دنيا جي اڳيان پيش ڪيو هو. انهيءَ بيان جو فرينچ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي، جو هيئن آهي: "جڏهن ڪنهن ڪونڊرو رڄ هٽ لڳندو آهي، تڏهن اهي ان کي گهر ڪٽي ايندا آهن ۽ رڄ کي آئيندڙ مرد جي زال انهيءَ کي ٽچ ڏارائيندي آهي. جڏهن اهو وڏو ٿيندو آهي، تڏهن اهي کيس ڇڻي ۽ جهنگلي ٻڪي کارائيندا آهن ۽ سياري جي موسم ۾ کيس سندس جيري حاصل ڪري لاءِ ذبح ڪيو ويندو آهي، جنهن کي زهر، ڪينڪڻ جي سور ۽ پيٽ جي مرض لاءِ تڪ سمجهيو ويندو آهي. ان جو ڏاڙهو تمام ڪوڙو آهي ۽ جيڪڏهن رڄ کي اونهاري ۾ ذبح ڪيو ويندو آهي، تہ اهو ڪنهن به ڪم جو ڪونہ هوندو آهي. اهو ڪوس جهاڻي سال جي ڀهرين مهيني ۾ شروع ٿيندو آهي. انهيءَ مقصد لاءِ اهي ماڻهو رڄ جي ڳردن کي ٻن ڏڳهن لڪڙن جي وچ ۾ وجهندا آهن، جن کي پنجاهه يا سٺ ماڻهو، مرد ۽ عورتون زور ڏيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. جڏهن رڄ مري ويندو آهي، تڏهي اهي سندس گوشت کائيندا آهن، جيري کي دوا طور ڪتب آڻڻ لاءِ رکي ڇڏيندا آهن ۽ ڪل وڪٽندا آهن، جا بلڪل ڪاري ۽ عام طرح ڇهه فٽ ڊگهي هوندي آهي، پر سيني کان ڊگهيءَ ڪل جي ساپ پارهن فٽ هوندي آهي. جيڪڏهن رڄ جي ڪل لاڻي ويندي آهي، تيڪڏهن ٻي اهي ماڻهو، جن ڪيس پاليو ۽ وڏو ڪيو هوندو آهي، سندس لاءِ ماتم شروع ڪندا آهن. بعد ۾ اهي ننڍڙا نان ٽاهي، انهن جي آجيان ڪندا آهن، جن آنهن کي مدد ڏني هوندي آهي."

سنگهالين ۾ آباد ائنو قوم وارا ۾ رڇن جا ٻچا پاليندا آهن ۽ انهن کي ساڳين سائڻ سوڻن سان ذبح ڪندا آهن. اسان کي بڌايو ويو آهي ته اهي رڄ کي ديوتا ڪونه سمجهندا آهن، پر ڪيس محض هڪ پيغامبر جي حيثيت ۾ ڏسندا آهن، جنهن کي اهي مختلف ڪمن کارين سان ٻيلي جي ديوتا ڏانهن موڪليندا آهن. انهيءَ جانور کي اڪثر هن سالن تائين پنجري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ ڪيس هڪ تقريب ۾، جا هميشه سياري ۾، ۽ رات جو، منعقد ڪئي ويندي آهي، ذبح ڪندا آهن. قرباني ڪان هڪ ڏينهن اڳ روڄ راڻي ۾ گذاريو ويندو آهي ۽ پوڙهيون زالون روئڻ ۽ شاپي ڪرڻ جي فرض ادائي ۾، رڄ جي پنجري سامهون، هڪ ٻئي کي هٽ وٺائيندڙيون ۽ ساهي پٽيرائيندڙيون آهن. پوءِ اڌ رات جي قريب يا صبح جو تمام سوير، هڪ مقرر رڄ جي سامهون ٻيهي هڪ ڊگهي تقرير ڪندو آهي ۽ ڪيس ياد ڏياريندو آهي ته ڪيئن ته انهن سندس حفاظت ڪئي آهي، ڪيس سٺو ڪاريو پياريو آهي، درياه ۾ وهنجاريو آهي ۽ ڪيس گرم ۽ آرام سان رکيو آهي. اڳتي هلي، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندو آهي، "هاڻي اسين تنهنجي اعزاز ۾ هڪ وڏي محفل منعقد ڪري رهيا آهيون. بڇ نه. اسين توکي نه ڏکوئيندا سون. اسين توکي فقط کهنداسون ۽ پيلي جي ديوتا ڏانهن موڪلينداسون، جو توکي پيار ڪندو آهي. اسين توکي سڀي ماني پيش ڪرڻ وارا آهيون، جا انهن سڀني ملڪن ڪان بهترين هوندي، جي تون هن وقت تائين اسان جي ڀڇ ۾ رهي ڪاڌيون آهن ۽ اسين سڀئي گڏجي تنهنجي لاءِ روئنداسون. اهو "ائنو"، جيڪو توکي ماريندو، سو اسان جو بهترين نشاني باز آهي. اجهو آهو هي آهي، هو تو لاءِ روئي ٿو ۽ توکان معافي گهري ٿو، توکي ڏري گهٽ کوڻ پتو ڪوڻ پوندو، جو اهو ڪم ايتريءَ تيزيءَ سان سر انجام ڪيو ويندو. اسين توکي هميشه کوڻ ڪارائي سگهنداسون، جيئن تون بخوبي سمجهي سگهندين. اسان تو لاءِ گهٽو ڪجهه ڪيو آهي، هينئر تنهنجو وارو آهي، جو تون پاڻ کي اسان لاءِ قربان ڪر. تون ديوتا ڪي چئجانءِ ۽ اسان لاءِ سياري ۾، جام لڏڙا، وغيره ۽ اونهاري ۾ * "سيل" ۽ جهجهيون مڇيون موڪلي. اسان جا نياپا نه وسارجانءِ. اسان جو توسان ڏاڍو پيار آهي ۽ اسان جا ٻچا توکي ڪڏهن به نه وساريندا." جڏهن رڇ تماشائين جي عام هنگامي جي درميان، پنهنجو آخرين طعام ڪائي پورو ڪيو هوندو آهي، ۽ پوڙهيون زالون دوباره روئڻ ۽ رڙڻ شروع ڪنديون آهن ۽ مرد ڊپيل آواز ۾ درد جون دانهون ڪندا آهن، تڏهن ڪيس جڪڙيو ويندو

* وڏن سمنڊن ۾ رهندڙ هڪ وڏو جانور، جو پنهنجن ٻچن کي کير پيئاري پالينڊو آهي ۽ جنهن کي پاڻ کان هڪ قسم جا پر هوندا آهن، پيرن جون آڱرين جاري ذريعي ملايل هونديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ۽ اهو ڪر تڪليف ۽ خطري کان سواءِ سرانجام ڪرڻ ٿيندو آهي، ۽ پنجري مان باهر ڪڍي، ڪيس ۾ دفعا آن جي چوڌاري رسي کان پڪڑي گهمايو ويندو آهي يا وري سندس مزاج مطابق، ڪيس ايترائي مرتبا گهليو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ڪيس سندس مالڪ ۽ آخر ۾ تقرير ڪندڙ ماٿهوءَ جي گهرن جي چوڌاري ڦيرايو ويندو آهي. ان کان پوءِ ڪيس هڪ وڻ سان ٻڌو ويندو آهي، جنهن کي دستوري مقدس ڪاڙين سان (اناڻو) سينگاريو ويو هوندو آهي. پوءِ وري ٻه اهو مقرر هڪ ڏگهي تقرير ۾ ڪيس مخاطب ٿيندو آهي جا، ڪڏهن ڪڏهن تہ ايتري وقت تائين هلندي آهي، جيستائين صبح صادق نمودار ٿيڻ وارو هوندو آهي. "ياد ڪر" هو زور سان چوئندو آهي، "ياد ڪر: آڳ توکي تنهنجي سڄي زندگي ۾ اهي خدمتون، جي اسان تنهنجي لاءِ ڪيون آهن، ياد ڏياري رهيو آهيان. هيئر توتي ڇڏيل آهي تہ تون پنهنجو فرض ادا ڪر. جيڪي سون توکي ڇيو آهي، سو نہ وسارجانءِ، تون ديوتائن کي ڇڏجانءِ تہ اهي اسان کي دولتمند ڪن، تہ اسان جا شڪاري ٻيلي مان ناياب پشم ۽ لذيذ جانورن سان ڏئجي واپس اچن، تہ اسان جي مهاڻن کي ڪناري تي خواه سمنڊ ۾، "سيل" جانورن جا ٽولا ملن ۽ انهن جا چار ڇيڻن جي وزن کان ڳائي ڇڻ. اسان کي توکان علاوه ٻي ڪابہ اميد ڪانهي. ٻڌ روح اسان جي مٿان ڪلي رهيا آهن ۽ اهي گهٽو ڪري اسان جي خلاف، ۽ نقصان ڪرڻ ۾ خوش هوندا آهن، پر تنهنجي آڏو اهي جهڪندا. اسان توکي ڪاڏو، خوشي ۽ صحت ڏني آهي، ۽ هيئر اسين توکي هن لاءِ ماري رهيا آهيون، ترجيحن تون اسان ڏانهن ۽ اسان جي اولاد ڏانهن دولت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موکلين." انهيءَ تقرير کي رچ، جو جيئن پوءِ تيئن زياده بد مزاج ۽ بي آرام ٿيندو ويندو آهي، يقين کان سواءِ ٻڌندو رهندو آهي، هو وڻ جي چوڌاري چڪرن پٽيان چڪر لڳائيندو ۽ درد ناڪ دانهون ڪندو رهندو آهي تانجو، جيئن ئي اپرندڙ سج جا پهريان شعاع انهيءَ منظر کي روشن ڪرڻ لڳندا آهن، تيئن هڪ تير انداز سندس دل ۾ تيزيءَ سان هڪ تير هڻندو آهي. ائين اڃا مس ڪيو هوندو اٿائين، تہ اهو نشاني باز پنهنجيءَ ڪمان کي دور اڇلائي، اونڌو ٿي زمين تي ڪرندو آهي ۽ سڀئي پيرمرد ۽ معمر زالون ۽ روئيندي ۽ سڏڪا پريندي ائين ڪنديون آهن. پوءِ اهي مثل جانور کي چانورن ۽ جهنگلي ٻٽائن جو طعام پيش ڪندا آهن ۽ سائس رحم جوگن لفظن ۾ ڳالهائيندا آهن. هن جيڪي ڪجهہ انهن لاءِ ڪيو هوندو آهي ۽ برداشت ڪيو هوندو آهي، تنهن لاءِ سندس شڪر گذاري ڪري، اهي سندس سسي ۽ چنبا وڏي جدا ڪندا آهن ۽ انهن کي مقدس شين طور پاڻ وٽ محفوظ ڪري رکندا آهن. رچ جي گوشت ۽ رت مٽان هڪ دعوت منعقد ڪئي ويندي آهي. اوائلي زماني ۾ عورتن کي انهيءَ دعوت مان خارج رکيو ويندو هو، پر هينئر اهي مردن سان شريڪ رهنديون آهن. سڀئي حاضرين گرم گرم رت پيئندا آهن، گوشت کي پڪايو ويندو آهي، جو رسم مطابق، ان کي باهم تي پچائڻ جي منع ٿيل هوندي آهي. جيئن تہ رچ جي لاش کي دروازي وچان گهر اندر داخل ڪرڻ ڪبو آهي ۽ سڳهالين جي "ائنو" قوم وارن جي گهرن کي دريون ڪونہ هونديون آهن، ان ڪري هڪ ماڻهو ڇت تي چڙهندو آهي ۽ رچ جي گوشت، منڊيءَ ۽ ڪل کي دودڪش وچان گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ لاهيندو آهي. پوءِ رڄ جي منڊيءَ کي جانور ۽ جهنگلي پٽاڻا آڇيا ويندا آهن ۽ سندس پرسان تماڪ پيئڻ جي هڪ پائيپ، تماڪ ۽ ماچيس جون گهڻيون ئي تيليون رکيون ويندیون آهن. رسم جي تقاضا آهي ته واپس وڃڻ کان اڳ مهمانن کي سڄو جانور کائي کپائڻ گهرجي. ڪاڏي وقت لوڻ ۽ ڪارن مرچن جو استعمال ممنوع آهي، گوشت جو هڪ ذرو به ڪتن کي ڏيڻو ناهي. جڏهن محفل ختم ٿيندي آهي، تڏهن رڄ جي منڊي وچ ٻيلي ۾ پهچائي ويندي آهي، جتي کيس ٻين رڄن جي ڪوپرين جي ڍير مٿان رکيو ويندو آهي، جي گذريل زماني جي اهڙين محفلن جا سڙندڙ يادگار هوندا آهن.

مشرقي سائبيريا جي ٽنگوزين قوم جي گلياڪ قبيلي وارا سال ۾ هڪ دفعو جنوريءَ جي مهيني ۾ ساڳئي قسم جي رڄ جي محفل منعقد ڪندا آهن. "رڄ سڄي ڳوٺ وارن جي انتهائي شائستہ فڪر منديءَ جو مرڪز هوندو آهي ۽ سندن مذهبي رسومات ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪندو آهي." هڪ پوڙهيءَ رڄڻيءَ کي گوليءَ سان ماري، سندس ڇڙي کي پاليو ويندو آهي، ۽ ڪيس ڳوٺ اندر ٽيڄ ڪاڻ ڏارائي ويندي آهي. جڏهن رڄ ڪافي وڏو ٿي ويندو آهي، تڏهن کيس پنجري مان ڪڍي، ڳوٺ ۾ ڦيرايو ويندو آهي. ۽ پهريائين کيس درياه جي ڪناري ڏانهن وٺي ويندا آهن، جو ته انهيءَ ذريعي سمجهيو ويندو آهي ته هرهڪ ڪتب کي جهجهي مقدار ۾ مڇيءَ ملڻ جو آسرو ٿيندو. پوءِ کيس ڳوٺ جي هر هڪ گهر ڏانهن نيون ويندو آهي، جتي کيس مڇي، برانڊي وغيره آڇيا ويندا آهن. کيس ماڻهو ته انهيءَ جانور اڳيان سجدو به ڪندا آهن. ائين سمجهيو ويندو آهي ته گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس داخلا برڪت آڻيندي آهي، ۽ جيڪڏهن هو پيش ڪيل ڪاڏي مٿان چڪ ڏيندو آهي، تہ ان کي ۽ برڪت جو باعث سمجهيو ويندو آهي. بهرحال، ان جي باوجود، ماڻهو ڪيس سڄو وقت چيڙائيندا، تنگ ڪندا، رڳو هٽندا، ڇهندا ۽ وجهندا رهندا آهن تہ جئين اهو بدمزاج ٿئي ۽ چڪن پائڻ لاءِ آماده ٿئي. جڏهن ڪيس اهڙيءَ طرح هرهڪ گهر ۾ ڦيرايو ويندو آهي، تڏهن ڪيس هڪ ڪلي سان ٻڌي تيرن سان ماريو ويندو آهي. پوءِ سندس منڊي جدا ڪئي ويندي آهي ۽ مٿانئس چليل ڪائيءَ جا ذرا وجهي، انهن سان سينگاريو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان کي آڻي ميز تي رکيو ويندو آهي، جتي دعوت جي تياري ڪيل هوندي آهي. اتي سيئي ڇٽا جانور کان معافي گهرندا آهن ۽ سندس پوڄا ڪندا آهن. پوءِ سندس گوشت پچائي، ڪائيءَ جي خاص ٿانون ۾ رکي، جن تي ٻاريڪيءَ سان تصويرون اڪريل هونديون آهن، ڪاڏو ويندو آهي. اهي ماڻهو، نہ تہ ڪڇو گوشت ڪائيندا آهن، نہ وري "ائنو" قوم وارن وانگر، رڇ جو رت ئي پيئندا آهن. سندس ميڇالو ۽ پيٽ جا اندريان عضوا سڀ کان بعد ۾ ڪاڏا ويندا آهن ۽ سندس کوپري، جا اڇا تائين ڪائيءَ جي ذرن پرزن سان سينگاريل هوندي آهي، گهر جي نزديڪ ڪنهن وڻ تي رکي ويندي آهي. پوءِ ماڻهو راڳ ڳائيندا آهن ۽ رڇ وانگر مرد ۽ زالون قطارون ٻاهي نچندا آهن.

روسي سياح، ايل- وان شرڊيڪ ۽ سندس همراهن سنہ ۱۸۰۶ع ۾ ٽيياچ نالي هڪ گلياڪ گوٺ ۾ رڇ- محفلن مان هڪ جو نظارو اکين سان ڏٺو هو. انهيءَ رسم جي متعلق ڊڪٽر سندس تفصيلوار بيان مان اسان کي اهڙيون خصوصيتون ملي سگهنديون، جي انهن مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيانن ۾ نظر ڪونہ ايندين، جن جو مون تازو ئي اختصار ڏنو آهي. هن جو چوڻ آهي ته رڃ، انهن سڀني قومن جي زندگيءَ ۾، جي اسور ۽ سائبيريا جي علائقن، ويندي ڪمڻڪا تائين، آباد آهن، هڪ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو، پر انهن سڀني قومن ۾ ڪيس ايتري قدر گهٽي اهميت حاصل ڪانهي، جيتري گلياڪ قبيلي وارن ۾. رڃ جي تمام وڏي جسامت، جنهن کي اهو اسور جي وادي ۾ وڃي رسي ٿو، بک سبب سندس خطرناڪ وحشت ۽ ان جو بار بار ظاهر ٿيڻ، اهي سڀ ڳالهيون گڏجي، ڪيس ملڪ جي سڀني شڪاري جانورن کان زياده پوائنٽو جانور بڻائين ٿيون. تنهن ڪري هن ڳالهه ۾ ڪوبہ تعجب ڪونهي ته گلياڪ قوم جي ماڻهن جا خيال هميشه ان ۾ مشغول رهن ٿا ۽ ڪيس زندگيءَ توڙي موت ۾، هڪ قسم جي وهمي خوف جي نوراني حلقي سان نوازين ٿا. چنانچ، مثال طور، جيڪڏهن گلياڪ قبيلي وارن جو ڪو ماڻهو رڃ سان مقابلو ڪندي مارجي ويندو آهي، ته ائين سمجهيو ويندو آهي ته سندس روح انهيءَ جانور جي جسم اندر تحليل ٿي وڃي ٿو. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، رڃ جي گوشت ۾ گلياڪ قوم وارن جي وات لاءِ اهڙي زبردست ڪشش هوندي آهي، جو اهي ڪنهن به صورت ۾ اڻ ڪي روڪي نہ سگهندا آهن، خاص طرح جڏهن ڪيس ڪجهه وقت تائين قيد و بند ۾ رکيو ويندو آهي ۽ سچي ڪارائي ٽلهو ستارو ڪيو ويندو آهي، جا سندس گوشت ۾، گلياڪ قوم وارن جي راءِ ۾، هڪ خاص قسم جي لذيذ خوشبوءِ پيدا ڪندي آهي. پر انهيءَ لذيذ طعام کي بيڊپائيءَ سان ڪائڻ لاءِ، اهي ڪن سائن جي هڪ طويل سلسلي کي ادا ڪرڻ تمام ضروري سمجهندا آهن، جنهن جو مقصد زنده رڃ کي احترام جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمائش ڪرڻ سان ٿيڻ، ۽ مثل جانور جي ڪاوڙ ڪي سندس روح اڳيان نياز ۽ نڙت جي اظهار ڪرڻ سان، ڏڏي ڪرڻ جو آهي. جيئن ئي رڇ ڪي پڪڙيو ويندو آهي، تيئن ئي ڪيس عزت ڏيڻ شروع ڪئي ويندي آهي. ڪيس جلوس جي صورت ۾ گهر آندو ويندو آهي، جتي سيئي ڪوٺاڙ ڪيس واري وڃي۽ سان ڪارائيندا آهن. ڇو ته، جيتوڻيڪ ڪيس هڪ ماڻهوءَ پڪڙيو يا خريد ڪيو هوندو، تنهن هوندي ب اهو، هڪ نموني سان، سڄي ڪوٽ جي ملڪيت هوندو آهي. سندس گوشت مان هڪ عام مفحل رڇائي ويندي آهي، جنهن ڪري ڪيس زندگيءَ جي دوران ۾ پالڻ لاءِ سيني ڪي شريڪ ٿيڻو پوندو آهي. سندس قيد و بند جي عرصي جو داروسدار، رڇ جي عمر تي هوندو آهي. ڪراڙن رڇن ڪي فقط چند مهينن تائين بند رکيو ويندو آهي، پڇ ڪي تيستائين رکيو ويندو آهي، جيستائين اهي قوهه جوانيءَ ۾ قدم رکن. قيديءَ جي بدن تي چربيءَ جو ٿلهو تهه محفل منعقد ڪرڻ جو اشارو هوندو آهي، جا سياڙي، گهٽو ڪري ڊسمبر ۾ ڪڏهن ڪڏهن جنوريءَ يا فبروريءَ ۾، رڇائي ويندي آهي. روسي سياحن جيڪا تقريب ڏني، سا ڪافي گهٽن ڏينهن تائين هلي ۽ ان ۾ ٽي رڇ ذبح ڪيا ۽ ڪاڏا ويا. هڪ ڪان وڌيڪ مرتبا، رڇن ڪي جلوس جي صورت ۾ گهمايو ۽ ڪوٽ جي هرهڪ گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، جتي کين عزت جو باعث سمجهي، ۽ کين هن ڏيکارڻ لاءِ ته اهي دلپسند مهمان هٿ، کارايو پياريو ويو. پر رڇن جي انهيءَ دوري شروع ٿيڻ کان اڳ، گلياڪ قبيلي وارا جانورن جي موجود گيءَ يا، جيئن ايل. وان شرينڪ جو خيال هو، سندن اعزاز ۾ رسين مٽان ٽهن ڏيڻ جي راند ڪندا هٿ. سندن ذبح ڪان هڪ رات اڳ، ٽنهي جانورن ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاندوڪيءَ جي روشنائيءَ ۾ گھٽي فاصلي تائين جميل درياه جي برف تي گھمائڻ لاءِ وڻي ويا. انهيءَ رات گوٺ ۾ ڪنهن کي به سمهڻ جي اجازت ڪانه هئي. ٻئي ڏينهن، جڏهن وري به جانورن ڪي درياه جي اونهي ڪناري رتان وڻي هيٺ لاڙو ويو ۽ ڪين برف واري آنهيءَ سوراخ جي چوڌاري ڪي دفعا ڦيرايو ويو، جنهن سان گوٺ جون عورتون پاڻي پرينديون هيون، تڏهن قبائلي ڪين گوٺ ڪان ٽورو ٿي دور هڪ مقرر مقام ڏانهن وڻي ويا ۽ آتي ڪين تير هڻي ماري ڇڏيائون.

جڏهن گھر ڪيُ سندن استقبال لاءِ ناهيو ۽ سينگاريو ويندو آهي، تڏهن رڇن جون ڪلون، جن سان مڙيون اڇا تائين ڳنڍيل ٿي هونديون آهن، گھر اندر آنديون ويندي آهن، ۽ دروازن وچان ته، درين سان، پوءِ ڪين اندر انهيءَ چلهه جي ساهون، جنهن تي گوشت پچڻ وارو هوندو آهي، هڪ قسم جي گھوڙيءَ تي لٽڪائي رکيو ويندو آهي. گلياڪ قبيلي وارن ۾ رڇ جي گوشت کي قوم جا معمر ترين مرد ڇڪائيندا آهن، جن کي اهو خاص اعزاز حاصل هوندو آهي. عورتن ۽ ٻارن، نوجوان مردن ۽ چوڪرن کي انهيءَ ڪم ۾ ڪوبه حصو وٺڻ نه هوندو آهي. اهو ڪم هڪقسم جي سنجيدگيءَ، آهستگيءَ ۽ خيال سان سر انجام ڪيو ويندو آهي. روسي سياحن جنهن موقعي جو بيان ڪيو آهي، تنهن تي هڪ ڪيٽليءَ کي پهريائين ڪاڻيءَ جي چليل چپڙن جي هڪ ٽلهي تهه سان ويڙهيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان کي برف سان پريو ويندو آهي، چوته رڇ جي گوشت کي رڌڻ ۾ پاڻيءَ جي استعمال جي منع ٿيل هوندي آهي. انهيءَ محفل ۾ ڪاڻيءَ جو هڪ وڏو ڪوڙ، جنهن کي گلن، پڻن ۽ هرقسم جي عجيب و غريب آڪريل تصويرن سان سينگاريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، رڇن جي نڪن جي عين هيٺان لڪايو ويندو هو، ڪونر جي هڪ پاسي تي هڪ رڇ، ۽ ان جي سامهون واري پاسي تي هڪ ڏيڏر جو هڪ خاڪو اڪريل هوء هوڏانهن، جڏهن رڇن جي لاش کي وڍيو پئي ويو، تڏهن سندن هرهڪ ٽنگ رڇن جي منڊين جي سامهون رکي ويئي، ڇو ته انهن کي ڪيٿليءَ اندر وجهڻ کان اڳ، سندن اجازت پئي حاصل ڪئي ويئي، ڇڙڪيل گوشت کي ڪيٿليءَ اندران لوهه جي هڪ ڪنديءَ سان ڏونڊي ڏونڊي ڪڍيو ويو ۽ رڇن جي سامهون ڪونر ۾ رکيو ويو، ته جيئن پنهنجي گوشت جا اهي ئي ٻهريان ڪائو وارا ٽين. رڇن جي چربيءَ کي جيتريءَ تيزيءَ سان سنهين پٽين جي صورت ۾ وڍيو پئي ويو، اوتريءَ تيزيءَ سان ان کي رڇن جي سامهون لڪايو پئي ويو ۽ پوءِ ان کي هڪ ٽنڊي ڪونر ۾ سندن سامهون زمين تي رکيو ويو. سڀ کان آخر ۾، جانورن جا اندريان عضوا وڍيا ويا ۽ انهن کي ننڍڙن برتنن ۾ رکيو ويو. ساڳئي وقت عورتن رنگ برنگي اڇڙين مان پٽيون ٺاهيون ۽ سج غروب ٿيڻ بعد اهي پٽيون رڇن جي پوٺن جي چوڌاري، ۽ اکين کان ڪجهه هيٺ ويڙهيون ويئون "تم جيئن سندن اکين مان وهندڙ لڙڪ خشڪ ٿي وڃن."

جيئن ئي غريب جانورن جي لڙڪن اگهڻ جي رسم ادا ڪئي ويئي، تيئن ئي سيئي گلياڪ سندن گوشت کي ڪڙڪائڻ جي ڪم ۾ نهايت سنجيدگيءَ سان لڳي ويا. گوشت کي جوش ڏيڻ ذريعي، جيڪا ڪڙهي ٺهي ويئي، تنهن کي پيڻ لاءِ سيني حاضرين کي شريڪ ڪيو ويو هو. سيئي کاڻ جا پيالا، ٽالهيون ۽ چمچا، جن منجهان گلياڪ قبيلي وارن انهيءَ موقعي تي رڇن جو شوروو پيتو ۽ گوشت کاڌو هو، سي هميشه انهيءَ مقصد سان فقط تقريب واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت، ۽ فقط انهيءَ ئي وقت لاءِ خاص طور ٺاهيا ويندا آهن.
انهن تي رڇن ۽ پين جانورن جون تصويرون ڏاڍي پيچيدگيءَ
سان اڪيريون ويندیون آهن، جي انهيءَ جانور يا انهيءَ تقريب سان
وابستہ هوندیون: آهن ۽ انهن برتنن کي پاڻ کان جدا ڪرڻ خلاف
ماڻهن جي دلين ۾ هڪ عجيب وهم هوندو آهي. هڏن کان گوشت
ڪوري جدا ڪرڻ کان پوءِ، انهن کي واپس انهيءَ ڪينليءَ ۾
وڌو ويندو هو، جنهن ۾ گوشت کي جوش ڏنو ويندو هو ۽ جڏهن
دعوت وارو ڪاڏو ڪائي ڪپائي، پورو ڪيو ويو، تڏهن هڪ پوڙهو
مرد دروازي تي اچي بيٺو، سندس هٿ ۾ "فر" وڻ جي هڪ
ٽاري هئي، جنهن سان اهو هر انهيءَ ماڻهوءَ جي ٻڌيءَ تي هلڪو
ڏڪ هڻندو ويو، جنهن رڇ جو گوشت يا چربي کاڌي هئي، ان
جو مقصد شايد انهن ماڻهن کي رڇ جهڙي قابل پرستش جانور
سان اهڙي سلوڪ ڪرڻ جي سزا ڏيڻ جو هو. ٻن پهرن کان پوءِ،
هڪ عجيب ناچ ڪيو ويو. هڪ وقت تي فقط هڪ عورت نچي
رهي هئي، جا پنهنجي بدن جي مٿين حصي کي عجيب و غريب
حرڪتن ۾ آڻي رهي هئي، سندس هٿن ۾ "فر" وڻ جي ٽاري يا
ڪائيءَ مان ٺهيل ننڍڙا جهانجهه هٿ، پيون عورتون انهيءَ وچ ۾، گهر
واريءَ جاءِ جي شهتيرن کي ڏنڊن سان ڏڪ هڻي هڪ طرح جو ساز
وڄائي رهيون هيون. وان شرنيڪ کي يقين هو ته رڇ جي گوشت
کائڻ بعد، سندس هڏن ۽ کوپريءَ کي ڇوٽ جا وڏي کان
وڏيءَ عمر وارا مرد ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان پيلي ۾ ڪنهن هنڌ
ڪٽي ويندا هٿ، جو ڇوٽ کان گهٽو دور ڪونہ هوندو هو. اتي
کوپريءَ کان علاوه، باقي ٻين سڀني هڏن کي دفن ڪيو
ويندو هو. ان کان پوءِ، انهيءَ هنڌ کان ٿورا انچ پرپرو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍو وڻ ڪيرايو ويندو آهي، سندس ٽڙ چيريو ويندو آهي ۽ رڇ جي ڪوپريءَ کي انهيءَ چير اندر قاسايو ويندو آهي. جڏهن انهيءَ جاءِ تي گاه ايرندو آهي، تڏهن رڇ جي ڪوپري نظرن کان غائب ٿي ويندي آهي ۽ اهو هوندو آهي رڇ جو انجام.

گلياڪ قوم وارن جيڪي رڇ جي محفلن جو هڪ ٻيو بيان مسٽر ليئو اسٽرنبرگ ڏنو آهي. اهو گهٽيءَ حد تائين مٿي ڏنل بيانن سان ٺهڪي اچي ٿو، پر ان هوندي ب منجهس ڪي اهڙا نڪتا ملن ٿا، جي قابل غور آهن. مسٽر اسٽرنبرگ جي قول مطابق، اها محفل ڪنهن نه ڪنهن مٿل مائٽ جي اعزاز ۾ منعقد ڪئي ويندي آهي، سندس ويجهي ۽ ويجهو عزيز يا ته رڇ جي ڪنهن ٻچي کي پڪڙيندو آهي يا وري ان کي خريد ڪندو آهي ۽ ڪيس ۾ يا ڪن سالن تائين پالي وڏو ڪندو آهي، تانجو اهو قرباني ۽ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. رڇ جي گوشت کائڻ جو اعزاز ڪن مخصوص ماڻهن (نارچ-اين) کي حاصل هوندو آهي، پر ميزبان ۽ سندس قبيلي جا ماڻهو گوشت مان ٿهيل فقط ٻوڙ کائيندا آهن، انهيءَ موقعي تي اهڙي ٻوڙ جو وڏو مقدار ٿاهيو ۽ ڪاڏو ڪپايو ويندو آهي. اعزازي مهمان (نارچ-اين) انهيءَ خاندان ۽ قبيلي جا هڻڻ ضروري آهن، جن ۾ ميزبان جون ڏيئر ۽ سندس قبيلي جون ٻيون عورتون پرٽايل هونديون آهن، انهن مهمانن مان هڪ، عام طور ميزبان جي ڄائي، کي رڇ کي تير هڻي مارڻ جو ڪم سونهيو ويندو آهي. ذبح ٿيل رڇ جو گوشت، ڪل ۽ سڀي گهر جي دروازي سان نه، پر دودڪش ذريعي گهر اندر داخل ڪيا ويندا آهن. رڇ جي مسيءَ هيٺان تيرن سان پريل هڪ ترڪش، تماڪ، ڪنڊ ۽ ٻيو ڪاڏو رکيو ويندو آهي. ائين سمجهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي ته رڳ جو روح انهن شين جي روحن کي پنهنجي ڏکهي سفر تي ساڻ ڪٽي ويندو آهي. رڳ جي گوشت وڏڻ لاءِ هڪ خاص برتن ڪم آندو ويندو آهي ۽ انهيءَ موقعي تي پٿر ۽ فولاد جي هڪ ٽڪر جي پاڪ اوزار مان ڪم پارٽي پوندي آهي، جي قبيليوارن جي گڏيل ملڪيت هوندا آهن ۽ نسلابنسلا ورثي طور ڏنا ويندا آهن. پر انهن کي، سواءِ انهن گنيير موقعن کان، پڻي ڪنهن وقت استعمال ڪرڻ ڪيو ويندو آهي. انهيءَ موقعي تي جمع ٿيل ماڻهن جي ڪائڻ لاءِ جيڪي به مختلف قسمن جا طعام تيار ڪيا ويندا آهن، تن سيني مان ٿورو ٿورو ذرو ڪڍي هڪ خاص برتن ۾ وجهي، رڳ جي سريءَ اڳيان رکيا ويندا آهن، انهيءَ کي چڀبو آهي، "سسيءَ کي ڪارائڻ." رڳ کي ذبح ڪرڻ بعد، ڪتن جو هڪ جوڙو، نر ۽ مادي، قربان ڪيو ويندو آهي. انهن کي گهٽي مارڻ کان پيشتر، ڪپن پنهنجي آقا ڏانهن بلند ترين جبل تي وڃن، پنهنجين ڪلن کي تبديل ڪرڻ ۽ پڻي سال رڳ جي صورت ۾ وري واپس اچڻ لاءِ مدعو ڪيو ويندو آهي. رڳ جو روح به انهيءَ آقا ۽ مالڪ ڏانهن واپس ويندو آهي، جو قديم‌النسل پيلي جو آقا ۽ مالڪ آهي. اهو انهن سيني نذرانن جو هار پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو آهي، جي سندس اڳيان پيش ڪيا ويا هوندا آهن. ساڻس گڏ انهن ڪتن جا روح ۽ چليل ڪائڙين جا روح، جي انهيءَ تقريب ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ آهن، گڏ ويندا آهن.

گلياڪ قبيلي وارن جا پاڙيسري، گولڊي به، رڳ سان ساڳي ٽي هلت ڪندا آهن. اهي ڪيس شڪار ڪري، ماريندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اهي جيئرو رڳ به ڦاسائيندا آهن ۽ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڇري ۾ رکندا آهن، انهيءَ دوران ۾ ڪيس سڏا ڪاڏا ڪارائيندا آهن ۽ ڪيس پنهنجو پٽ ۽ پاڻ سڏيندا آهن. پوءِ هڪ وڏيءَ تقريب تي ڪيس پنڇري مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، عزت سان ڦيرايو ويندو آهي ۽ بعد ۾ ذبح ڪري ڪاڏو ويندو آهي. "سندس ڪوهريءَ، ڇاڙين جي هڏڻ ۽ ڪنن کي، بد روحن جي خلاف تریاق طور لٽڪايو ويندو آهي، پر گوشت کي ڏاڍي مزي، سان ڪاڏو ويندو آهي، ڇو ته سندن اعتقاد آهي ته جيڪو به ان مان ڪجهه حصو کائيندو، تنهن کي شڪار ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو ۽ اهو دلير ٿيندو."

اسور علائقي ۾ ٽنگوزين قوم جو هڪ پيو قبيلو، اورٽچيز، ساڳئي قسم جون عام نوعيت واريون رڇن جون محفلون منعقد ڪندو آهي. جيڪو به ماڻهو رڇ جو ڇو ڦاسائيندو آهي، سو ڪيس اٽڪل ٽن سالن تائين پنڇري ۾ پالڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل سمجهندو آهي ته جيئن انهيءَ عرصي جي پوري ٿيڻ تي ڪيس سيني ماڻهن جي وچ ۾ قتل ڪري، دوستن سميت ان جو گوشت کاڏو وڃي. اهي دعوتون، جيتوڻيڪ انفرادي طور منعقد ڪيون ويندڙون آهن، ان جي باوجود، جيئن ته اهي سيني ماڻهن لاءِ ڪليل هونديون آهن، ان ڪري آڻان جا باشندا اها ڪوشش ڪندا آهن ته اهڙي هڪ دعوت هرسال، ٻئي ٻئي، اورٽچيز ڳوٺ ۾ منعقد ٿئي. جڏهن رڇ کي پنڇري مان ٻاهر آندو ويندو آهي، تڏهن ڪيس رسا ٻڌي سيني ڇوپڙين ۾ ڦيرايو ويندو آهي، اُن وقت جيڪي ماڻهو جلوس ۾ شريڪ هوندا آهن، سي سيئي پالن، تيرن ۽ ڪمانن سان مسلح هوندا آهن. هرهڪ ڇوپڙيءَ ۾ رڇ ۽ رڇ ڪاهيندڙن کي ڪاڻ ڪا سڻي چيز کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ پيش ڪئي ويندي آهي. اهو سلسلو گهڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تائين هلندو آهي، ٿانجو، نہ فقط انهيءَ، پر پاسي واري ڳوٺ جي سيني جهوپڙين جو وارو ۽ گذري ويندو آهي. ڏينهن جو راندين روندين ۾ ڪل مسخرين ڪيون ويندين آهن، جن ۾ خوب شور و غل ڪيو ويندو آهي. ٻوءِ رڇ کي ڪنهن وڻ يا ڪاٺ جي ڪلي سان ٻڌو ويندو آهي ۽ ڪيس ماڻهن جي تيرن جو نشان بڻائي ماريو ويندو آهي، جنهن کان ٻوءِ سندس گوشت ماڻهن تي ڇپائي ڪاڏو ويندو آهي. ٽنڊجا درياه جي ڪناري تي جيڪي اوروڻچي قبيلا آباد آهن، تن جون زالون ۽ انهن محفلن ۾ حصو.وٺنديون آهن، پر جيڪي اوروڻچيز قبيلا وي درياه تي آباد آهن، تن جون زالون رڇ جي گوشت کي هٿ ۾ ڪونہ لائينديون آهن.

اهي قبيلا قيدي رڇ سان جيڪا هلت ڪن ٿا، تنهن ۾ کي اهڙيون خصوصيتون شامل آهن، جن کي پوڄا کان سميز ڪرڻ مشڪل آهي. اهڙين خصوصيتن ۾، مثال طور، اهي دعائون شامل آهن، جي رڇ کان، جيڪي توڙي موئي، گهريون ويندين آهن، ڪاڏي جا اهي نذرانا، جن ۾ سندس ٽي گوشت جا ٽڪرا شامل هوندا آهن، جي رڇ جي ڪوپريءَ جي سامهون رکيا ويندا آهن ۽ گليائڪ قبيلي وارن جي رڇ کي هن سبب لاءِ درياه تي وڻي وڃڻ جي رسم، تہ انهيءَ ذريعي ميڇين جي جهجهي مقدار ملڻ جي خاطري ٿئي ۽ وري ڪيس اهڙيءَ طرح هرهڪ گهر ۾ قيرائڻ جي رسم، تہ جيئن هرهڪ خاندان کي سندس برڪت جو ڪجهہ حصو ملي، جهڙيءَ طرح يورپ ۾ "سي- ٽري" جي روح جي شخصي نمائندي کي موسم بهار ۾ گهر گهر قيرايو ويندو هو، تہ جيئن هرڪس و ناڪس ۾ نئين سر زنده ٿيندڙ فطرت جون تازيون قوتون ڦهلجي وڃن. وري رڇ جي گوشت ۽ رت جي محفل ۾ سنجيده شرڪت، ۽ خاص طرح اڻنو قوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جي، انهيءَ پيالي ۾ رکيل چيز کي تقسيم ڪرڻ جي رسم، جنهن کي مئل رڄ جي ساهون وکي پاڪ ڪيو ويو هو، سي انهن جي متبرڪ نوعيت هڻڻ جا قوي دليل آهن ۽ انهيءَ دليل جي گلياڪ قوم وارن جي هن رسم مان تصديق ٿئي ٿي، جنهن ۾ رڄ جي گوشت رکڻ ۽ رڌڻ لاءِ خاص برتن ڪتب آندا ويندا آهن ۽ گوشت کي رڌڻ ۽ پچائڻ لاءِ اها باهه استعمال ڪئي ويندي آهي، جا هڪ اهڙي اوزار مان ڪڍي ويندي آهي، جنهن کي انهن مذهبي موقعن کان سواءِ ٻيءَ حالت ۾ ڪتب ڪونہ آندو ويندو آهي. درحقيقت، اڻنو مذهب متعلق انسان جي ڪنهن اختياري، محترم جان بڇلن انهيءَ رسمي احترام کي، جو اڻنو قوم وارا رڄ کي ڏيندا آهن، بلڪل واضح طور پوڄا جو نالو ڏئي ٿو. هو تہ هيءَ اقرار ڪري ٿو تہ رڄ سندن ديوتائن مان هڪ آهي. هيءَ حقيقت آهي تہ اڻنو قوم وارا پنهنجي ٻوليءَ جو اهو لفظ، (ڪموئي) جنهن جي معنيٰ ديوتا آهي، رڄ سان عام جام وابستہ ڪندا آهن، پر، جيئن مسٽر بڇلر خود ئي اشارو ڪري ٿو، اهو لفظ مختلف معنيٰ ۽ مفهوم سان استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪري رڄ سان انهيءَ لفظ جي لاڳاپي مان اسين هيءَ دليل سلاستيءَ سان نہ ٿا پيش ڪري سگهون تہ انهيءَ جانور کي سچ پچ ديوتا سمجهيو ويندو آهي. در اصل، انسان کي صاف طور پڌايو ويو آهي تہ سڳهالين وارا اڻنو رڄ کي ديوتا نہ، پر ديوتائن جو هڪ پيغامبر تصور ڪندا آهن ۽ سندس موت وقت اهي ڪيس جيڪو پيغام ڏيندا آهن، تنهن مان اهو بيان صحيح ثابت ٿئي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ شايد گلياڪ قوم وارا به رڄ کي "جبل جي آقا" ڏانهن، جنهن تي ماڻهن جي ويلائي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهبودي۽ جو انحصار آهي، نذرانا ڪٽي ويندڙ هڪ سفير جي حيثيت ۾ ڏسن ٿا. ساڳئي وقت، اهي رڇ کي انسان جي درجي کان بالاتر سمجهن ٿا، درحقيقت، اهي کيس هڪ ننڍي۽ هستي۽ وارو ديوتا تصور ڪن ٿا، جنهن جي ڇوٽ اندر موجود گي، جيسين کيس پاليو ۽ ڪارايو وڃي ٿو، ماڻهن مٿان رحمتون نازل ڪري ٿي، خاص طرح بد روحن جي انهن ميڙن کي دور رکي ٿي، جي هر وقت ماڻهن جي انتظار ۾ رهن ٿا. سندن سامان چورائين ٿا ۽ بيماري۽ ۽ مرض ذريعي سندن جسمن کي نيست ونابود ڪن ٿا. ازانسواءِ رڇ جي گوشت، رت يا هوڙ کائڻ کري، گلياڪ، اڻو ۽ گولڊي قومن وارا هن راءِ جا آهن ته آهي انهي۽ طاقتور جانور جي خوبين، خاص طرح سندس همت ۽ طاقت مان ڪجهه حصو حاصل ڪن ٿا. ان کري هن ڳالهه ۾ ڪوبه تعجب ڪونهي ته اهي پنهنجي اهڙي عظيم محسن کي وڏي کان وڏي۽ عزت ۽ پيار جي نظرن سان ڏسن ٿا.

اڻوقوم وارن جي متعلق جيڪو منجهيل رويو قائم ڪيل آهي تنهن جي، سندن پين جانورن جي متعلق اختيار ڪيل رويي سان پيٽ ڪري، ان باري ۾ ڪجهه روشني وجهي سگهجي ٿي. مثال طور، اهي عقاب - الوءَ کي نيڪ ديوتا سمجهندا آهن، جو پنهنجي لنوڻ وسيلي ماڻهن کي ايندڙ مصيبت کان آگاه ڪري، ڪين انهي۽ آفت کان بچائي ٿو. چنانچه، کيس پيار ڪيو ويندو آهي، ۽ کيس اعتماد رکيو ويندو آهي ۽ کيس خالق ۽ ماڻهن جي درميان شافع سمجهي، سندس پوڄا ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته ڪو اهڙو موقعو درپيش ايندو آهي، تڏهن انهن ديوتا - پکين مان هڪ کي قاسائي، پنجري ۾ رکيو ويندو آهي، جتي کيس اهڙن پيار پرين ۽ محبت آميز خطابن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پکاريو ويندو آهي، جهڙوڪ "محبوب ديوتا" "پيارا نندڙا ديوتا"۔ ان هوندي به، ڪو وقت اهڙو ايندو آهي، جڏهن نندڙي پياري ديوتا کي گهٽي ماريو ويندو آهي ۽ ڪيس ثالث جي حيثيت ۾ پيغام ڏيئي اعليٰ درجي وارن ديوتائن يا خود خالق ڏانهن موڪليو ويندو آهي۔ عقاب - الوءَ کي جڏهن قربان ڪرڻ جو وقت قريب ايندو آهي، تڏهن ڪيس هن دعا سان خطاب ڪيو ويندو آهي: "اي پيارا ديوتا، اسين توکي تنهنجي پيءُ ڏانهن موڪلي رهيا آهيون۔ اسين توکي هينئر ڪاڏو، "انائو" شراب ۽ ڪيڪ کارائي رهيا آهيون، انهن کي پنهنجي پيءُ ڏانهن ڪٽي وڃ، اهو ڏاڍو خوش ٿيندو۔ جڏهن ٿون وٽس پهچين، تڏهن هيئن چئجانءِ ته "آءٌ گهٽي وقت تائين انئو قوم ۾ رهيو آهيان، جتي هڪ انئو پيءُ ۽ هڪ انئو ماءُ سونکي پاليو۔ هينئر آءٌ تو وٽ آيو آهيان، آءٌ پاڻ سان گڏ مختلف قسمن جون سٿيون شيون ڪٽي آيو آهيان۔ انئو ملڪ ۾ رهندي، مون تمام گهڻيءَ مصيبت جو مشاهدو ڪيو۔ مون ڏٺو ته ڪن ماڻهن کي پوت چنبڑيل هئا، ڪن کي جهنگلي درندن زخمي ڪيو، ڪن کي زمين جي ڦاٽڻ سبب نقصان پئي رسيو، ڪن جا جهاز پئي ٻڏا ۽ گهڻن تي مرض جو حملو پئي ٿيو۔ ماڻهو ويچارا وڏين مصيبتن ۾ مبتلا آهن۔ اي سنهنجا پيءُ، مون کي ٻڌ، ۽ انئو قوم وارن جو حال جلد ڏس ۽ کين مدد ڪر، جيئڪڏهن ٿون انهن کي ٻڌين، ته تنهنجو پيءُ اسان جي مدد ڪندو۔"

روري، انئو قوم وارا عقابن کي پنجرن ۾ رکندا آهن، کين ديوتائون ڪري پوجيندا آهن ۽ انهن کي ماڻهن کي بديءَ کان بچائڻ لاءِ سٿون ڪندا آهن۔ ان جي باوجود، اهي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکيءَ کي قربان ڪندا آهن ۽ جڏهن اهي ائين ڪرڻ وارا هوندا آهن، تڏهن اهي سندس اڳيان هيءَ دُعا ڪندا آهن ته "اي قدر وارا ديوتا، اي تون خدا ئي پکي، مهرباني ڪري منهنجن لفظن تي ڪن ڏي. تون هن دنيا جو نہ آهين، پوءِ ته تنهنجو گهر خالق ۽ سندس سونهري عقابن سان گڏ آهي. ان صورت ۾، آءٌ توکي هيءَ "انائو" ۽ ڪيڪ ۽ پيا قيمتي ڪاڏا ڏيان ٿو. مهرباني ڪري انهن "انائو" تي سوار ڪري شاندار آسمان ۾ پنهنجي گهر ڏانهن وڃجانءِ. جڏهن تون اتي پهچين، تڏهن پنهنجي نسل جي ديوتائن کي جمع ڪجانءِ ۽ هن دنيا تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ اسان جي طرفان سندن شڪر ادا ڪجانءِ. مهرباني ڪري ورجي واپس اچجانءِ، آءٌ عرض ٿو ڪريان، ۽ اسان تي حڪمراني ڪجانءِ. اي منهنجا عزيز! خاموشيءَ سان وڃ!" وري به، ائنو قوم وارا بازن جي پوڄا ڪندا آهن، کين پنڇرن ۾ رکندا آهن ۽ سندن قربانيون ڏيندا آهن. انهن مان ڪنهن هڪ کي مارڻ وقت، کين هيٺين دعا انهيءَ کي مخاطب ڪرڻي هوندي آهي ته "اي ديوتائي باز، تون هڪ ماهر شڪاري آهين، مهرباني ڪري پنهنجيءَ هوشياريءَ کي منهنجي مٿان نازل ڪجانءِ!" جيڪڏهن باز سان قيد واري عرصي ۾ ستي ورتائين ڪيو ويندو ۽ کيس قربان ڪرڻ واري وقت ڪان ٿورو اڳيرو مٿين دعا مخاطب ڪئي ويندي، ته اهو يقيناً انهيءَ شڪاريءَ ڏانهن مدد موڪليندو.

چنانچہ، ائنو قوم جو ماڻهو جانورن کي ذبح ڪري مختلف طريقن سان مستفيض ٿيڻ جي اميد رکي ٿو، حالانڪ اهو ساڳئي وقت ساڻن ديوتائن واري هلت به ڪري ٿو. هو منجهن اها توقع رکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ته اهي سندس نياپا پنهنجي نسل وارن، يا عالم بالا وارن ديوتائن کي وڃي پهچائيندا، هو سندن جسمن جي گوشت کائڻ يا ٻين طريقن سان سندن خوبين حاصل ڪرڻ جي اميد ۾ رکي ٿو، ظاهر طور هو هن دنيا اندر سندن جسماني نئين زندگيءَ ۾ ۽ آسرو رکي ٿو، جا وري ڪيس انهن کي قاسائڻ ۽ قتل ڪرڻ ۽ وري ۽ انهن سيني فائدن حاصل ڪرڻ جو سوقعو فراهم ڪندي، جي هن انهن کي ڏني، اڳيئي حاصل ڪيا آهن. ڇو ته پوڄا لائق ريڇ ۽ پوڄا لائق عقاب کي، مٿي تي ڏڪ هڻي مارڻ کان اڳ، جيڪي دعائون مخاطب ڪيون ويندڙون آهن، تن ۾ ڪين واپس اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي، جنهن مان صاف طور سندن هن اعتقاد جو پتو پوي ٿو ته اهي سندن دوباره زنده ٿيڻ ۾ ايمان رکن ٿا. جيڪڏهن انهيءَ باري ۾ کوڙ شڪ ۽ شبهو هوندو ته اهو مسٽر بڇلر جي هن شهادت مان دور ٿي ويندو ته اڻنو "ڪي هيءَ خاطري آهي ته جن جانورن ۽ پکين کي شڪار ۾ يا قرباني وقت ماريو ويندو آهي، تن جا روح هڪ نئون جسم ڏيڪي، واپس موٽي اچي، هن دنيا ۾ رهن ٿا، وڌيڪ، هيءَ ۽ سندن اعتقاد آهي ته اهي ماڻهن، خاص طور اڻنو شڪارين، جي خاص فائدي لاءِ هت اچي ظاهر ٿيندا آهن." مسٽر بڇلر آسان ڪي ٻڌائي ٿو ته اڻنو "هن اعتقاد کان جانور کي ماري ۽ کائي ٿو ته سندس جاءِ تي هڪ ٻيو جانور اچي، ته ساڻس ۽ ساڳي هلت ڪئي وڃي." انهن جانورن کي قربان ڪرڻ وقت "سندن حضور ۾ دعائون ڪيون ويندڙون آهن، جن ۾ ڪين عرض ڪيو ويندو آهي ته اهي وري واپس اچن ۽ هڪ ٻيءَ دعوت لاءِ کاڌا سهيا ڪن، جڏ ته اهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح سڀ ۾ ڪاڇ انهن لاءِ هڪ اعزاز ۽ مسرت جو باعث آهي. حقيقت ۾ ، انهن ماڻهن جو اهوئي خيال آهي." اهي پوپان جملا جيڏن تحرير سان ظاهر آهي ، خاص طور رڇن جي قرباني سان وابستہ آهن.

چنانچ ، قابل پرستش جانورن کي مارڻ سان جن فائدن حاصل ڪرڻ جي هڪ اڻو اميد رکي ٿو ، تن سان وڏي ۾ وڏو ڏنهنجي پيٽ کي انهن جي گوشت ۽ رت سان موجوده ۽ آن کان پوءِ گهڻي ئي اهڙن ٻين سوغتن تي ، پڙ جو آسرو آهي ، ۽ اها خوش ڪندڙ اميد وري مرده جانورن جي روحاني لازواليت ۽ سندن موت بعد جسماني واپسيءَ ۾ پختي يقين سان حاصل ٿيل آهي. ساڳيو اعتقاد دنيا جي مختلف حصن جي وحشي شڪارين کي به رهي ٿو ، جنهن مختلف قسمن جي عجيب رسمن کي وجود ۾ آندو آهي ، جن سان ڪن جو اسين اڳهو هينئر ذڪر ڪنداسين. انهيءَ وچ ۾ هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ اجايو ته ٿيندو ته اهي سنجيده تقريبون ، جن ۾ گلياڪ ، اڻوءَ ٻيون قومون پليل ۽ پنڇڙن ۾ بند ٿيل رڇن کي عزت ۽ غم جي مظاهرن سان ذبح ڪن ٿيون. سي ساڳئي نموني جي انهن سالن سوڻن جي توسيع يا سندن شاندار نموني کان علاوه ، ٻيو ڪجهه به ناهن ، جيڪي هڪ شڪاري ڪنهن به جهنگلي رڇ کي ٻيلي ۾ اتفاق سان مارڻ ٿي ادا ڪري ٿو. درحقيقت ، گلياڪ قوم وارن لاءِ ته اسان کي يقيني خبر آهي ته وٽن ائين هوندو آهي. جيڪڏهن اسان کي گلياڪ قوم وارن جي سالن جي معنيٰ سمجهڻي آهي ، مسٽر اسٽرنبرگ چوي ٿو "ته سڀ کان اڳ ۾ اسان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته رڇن جون تقريبون فقط گهر واري رڇ

کي ذبح ڪرڻ وقت ٻي ڪوبہ ملهايون ويندڙيون آهن ، جيڪي عام طرح غلط بياني ۽ ڪان ڪڙ ورتو ويندو آهي، پر اهي هر اهڙي ۽ موقعي تي ملهايون ويندڙيون آهن ، جڏهن ڪو گلياڪ قبيلي وارو ماڻهو شڪار ڪندي ڪنهن رڇ کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿي پوندو آهي. اها حقيقت آهي ته انهن حالتن ۾ تقريب اهڙي شاندار پئماني تي ڪا ملهائي ويندي آهي ، حالانڪ ان جو اصل مقصد ساڳيو ئي هوندو آهي. پيلي ۾ ماريل رڇ جي ڪل ۽ سسي جڏهن ڳوٺ ۾ آندي ويندي آهي ، تڏهن انهن جو دهلن ، دمامن ۽ سنجيده سائن سان فاتحانہ استقبال ڪيو ويندو آهي. سسي ۽ کي پاڻ ڪيل ڪاڪ جي هڪ گهوڙي ۽ تي رکيو ويندو آهي ، ڪيس ڪارايو ويندو آهي ۽ بلڪل ساڳي ۽ طرح نذر ۽ نياز ڏنو ويندو آهي ، جهڙي ۽ طرح گهر واري رڇ کي ذبح ڪرڻ وقت ڏنو ويندو آهي ، معزز مهمانن (نارچ - اين) کي پڻ مدعو ڪري جمع ڪيو ويندو آهي. ساڳي ۽ ئي طرح ڪتا ۾ قربان ڪيا ويندا آهن ۽ رڇ جي هڏن کي ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي اعزاز سان محفوظ رکيو ويندو آهي ، جهڙي ۽ طرح گهر واري رڇ جي هڏن کي رکيو ويندو آهي. چنانچہ ، سياري جي موسم ۾ جيڪا وڏي تقريب ملهائي ويندي آهي ، سا انهي ۽ سان جي محض هڪ توسيع آهي ، جو هرهڪ رڇ جي ذبح وقت ادا ڪيو ويندو آهي."

چنانچہ ، انهن قومن جي رسومات ۾ ، جي انهن جانورن کي پوڄين ۽ ذري گهٽ ديوتائي درجو ڏين ٿيون ، جن کي اهي شڪار ڪن ، مارين ۽ کائين ٿيون ، جيڪو ظاهري اختلاف ۽ تضاد آهي ، سو ايتري قدر ڪليو ڪلايو ناهي ، جيتري قدر اهو پهرين ۽ نظر سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن ماڻهن کي ائين ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ڪي سبب ، ۽ ڪي وڏا عقلي سبب آهن. چو ته ، هنڪ وحشي ڪنهن به صورت ۾ اهڙو غير منطقي ۽ بي عمل نه آهي، جهڙو اهو متاچرن مبصرن کي شايد نظر ايندو ، هن انهن سڀني مسئلن ٿي اڻڦهو غور ڪيو آهي ، جي سائنس قريبي واسطو رکن ٿا. هو انهن جي متعلق دليل بازي ڪري ٿو ۽ جيتوڻيڪ سندس فيصلا اسان جي فيصلن کان ڪڏهن ڪڏهن تمام مختلف ٿين ٿا ، ان هوندي به ، اسان کي سندس هيءَ انصاف نه وڃائڻ گهرجي ته هن انساني زيست جي ڪن تمام بنيادي مسئلن تي صبر سان ڏڪهو ويچار ڪيو آهي. موجوده حالت ۾ جيڪڏهن هو رچن کي عام طرح اهڙا جاندار سمجهي ٿو ، جي مڪمل طور انساني ضرورتن جا غلام آهن ۽ ان جي باوجود انهيءَ نسل جي ڪن خاص افراد کي پوجا لاءِ منتخب ڪري ٿو ، جن کي هو ذري گهٽ ديوتائن جي درجي تي وڃي رسائي ٿو ، ته اسان کي تڪڙ ڪري ڪيس بلڪل غير منطقي ۽ نامعقول نه سمجهڻ گهرجي ، ۽ اسان کي پاڻ کي سندس نقطه نگاه تي ٻيهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪهي ، ته جڏهن اسين انهن شين کي ائين ڏسون ، جڏهن اهو ٿو ڏسي ۽ پاڻ کي اڳواڻ قائم ڪيل فيصلن ۽ نظرين کان پاڪ ڪرڻ گهرجي ، جي دنيا جي متعلق خود اسان جي نظرين تي اهڙو گهرو رنگ ٿا چاڙهين. جيڪڏهن اسين ائين ڪنداسون ته اسان کي شايد معلوم ٿيندو ته هن جي چال اسان کي ڪيتري قدر به ڪٽي احمقانه معلوم ٿئي ، ان جي باوجود ، هڪ وحشي گهٽو ڪري خيالات جي هڪ اهڙي سلسلي مطابق عمل ڪري ٿو ، جو ڪيس سندس محدود تجربي جي حقيقتن سان بلڪل ٺهڪندڙ معلوم ٿئي ٿو. ان باري ۾ منهنجو خيال آهي ، ته ڪي مثال هيٺين باب ۾ ڏيان ، جتي آءٌ هن ڳالهه ثابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ اڻنو ۽ اتر اوڀر ايشيا جي ٻين قومن ۾ رڇ جي تقريب جي سنجيندہ رسمن جو سلسلو انهيءَ احترام جو محض هڪ زيادہ پيڪيدار مثال آهي، جو پنهنجي وحشيانہ فلسفي جي اصول مطابق، هڪ وحشي انهن مينهي جانورن کي عادتاً ڏئي ٿو، جن کي هو ماري ۽ کائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيونجاهون

شڪارين جو جهنگلي جانورن کي راضي ڪرڻ

جاندارن اندر رهندڙ ۽ عملي طور ابدي روح جي نظريي وسيلي نظام حيات جي سمجهاڻي اهڙي آهي، جنهن کي هڪ وحشي فقط ماڻهن تائين محدود نه ٿو رکي، پر هو ان کي عام چرندڙ پرندڙ مخلوق سان پڻ وابسته ڪري ٿو. اڻين سمجهڻ ۾ هو هڪ تهذيب يافته ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ زياده آزاد خيال، سخي ۽ زياده منطقي آهي، جو موخرالذڪر عام طرح سان جانورن کي انهيءَ ابديت کان محروم ڪري ٿو، جنهن جي اهو پنهنجي لاءِ دعويٰ ڪري ٿو. وحشي ايتري قدر مغرور ناهي، ۽ عام طور هو اڻين سمجهي ٿو ته جانور به ماڻهن وانگر ئي جذبات ۽ فهم و فراست سان نوازيل آهن ۽ ماڻهن وانگر ڪين اهڙا ارواح سليل آهن، جي سندن جسمن جي موت کان بعد به بدن مان خارج ٿيل آزاد روح جي حيثيت ۾ ڦرڻ يا وري حيواني صورت ۾ دوباره زنده ٿيڻ لاءِ باقي رهن ٿا.

چنانچه، هڪ وحشيءَ جي نظر ۾، جو سيني جاندارن کي عملي طور ماڻهوءَ سان برابريءَ واري درجي تي سمجهي ٿو، هڪ جانور کي مارڻ ۽ کائڻ جو عمل انسان جي نقطه نگاه کان بلڪل مختلف ڏسڻ ۾ ايندو هوندو، چوته اسين جانورن جي فهم و فراست کي پنهنجي عقل کان گهٽو گهٽ سمجهون ٿا ۽ ڪين ابدي ارواح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان محروم کريون ٿا. چنانچہ، پنهنجي فلسفي جي اصولن تي، هڪ قديم النسل شڪاري، جو ڪنهن جانور کي ماري ٿو، پاڻ کي جسم جي پنڇري کان آزاد ٿيل روح يا ساڳئي نسل جي ٻين سڀني جانورن جي انتقام جي جذبي جو مرڪز سمجهي ٿو، جن کي اهو ماڻهن وانگر ساڳيءَ مائٽيءَ ۽ خون جي رشتن ۾ قريبي طور منسلڪ سمجهي ٿو، جنهنڪري اهي پنهنجي هڪ هر نسل کي پهچايل ضرر جي بدلي وٺڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل سمجهن ٿا. چنانچہ، هڪ وحشي اهڙن جانورن جي زندگيءَ کي بچائڻ جي قانون تي عمل ڪري ٿو، جن کي مارڻ لاءِ ڪيس ڪا فوري ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي. انهيءَ قانون تي هو خاص طور انهن درنده صفت ۽ خطرناڪ جانورن جي حالت ۾ عمل ڪري ٿو، جن جي متعلق ڪيس اهو خدشو رهي ٿو تہ اهي پنهنجي نسل جي هڪ جانور جي قتل ٿيڻ تي ڪانئس خونخوار بدلي وٺڻ ۾ دير نہ ڪندا. واڳون انهيءَ قسم جي جانورن ۾ شمار آهن. اهي جانور فقط گرم ملڪن ۾ هوندا آهن، جتي عام طرح ڪاڏو جام هوندو آهي ۽ وحشي انسان کي انهن جي سخت ۽ اڻ وٽندڙ گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪين مارڻ جو ڪو خاص سبب ڪونہ هوندو آهي. ان ڪري ڪن وحشين ۾ واڳن کي چڏي ڏيڻ يا البت، فقط انتقامي جنگ جي قاعدي موجب، يعني واڳن طرفان ماڻهن جي قتل ڪرڻ جي جواب ۾، انتقام طور جوابي جنگ ڪرڻ جي رسم آهي. مثال طور، بورنيو جي ڏياڪ قبيلي وارا واڳونءَ کي تيسين تہ ماريندا آهن، جيسين اڳ ۾ واڳونءَ سندن ڪنهن ماڻهوءَ کي نہ ماريو هوندو آهي، "چو تہ هو چوندا آهن تہ آهي هڪ جارحانہ فعل جا چو ذميوار ٿين، جڏهن هو ۽ سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسل جا ٻيا جانور آساني سان ڪائنس بدلو وٺي سگھن ٿا؟ پر، جيڪڏھن ڪو واڳون انساني زندگي تلف ڪري ٿو، تہ ان صورت ۾ مقتول جي زنده سڀن مائٽن تي انتقام وٺڻ ھڪ مقدس فرض ٿئي ٿو، جي انھيءَ آدم خور کي اھڙيءَ طرح جار ۾ ڦاسائيندا آھن، جھڙيءَ ريت انصاف جو ڪوئي عملدار ڪنھن ڏوھاريءَ جي پٺيان ٻڌي، کيس پڪڙيندو آھي. ٻيا وري، ان ھوندي ۽ پٺتي رھجي ويندا آھن ۽ ٻاڻ کي اھڙي جھڙي ۾ ڦاسائڻ تہ چاھيندا آھن، جنھن جو ساڻن واسطو ڪونہ ھوندو آھي. ائين سمجھيو ويندو آھي تہ نيڪ (۱)نيميسس آدم خور واڳونءَ جو تعاقب ڪري رھيو آھي ۽ جڏھن ۽ ڪو واڳون ڦاسي پوندو آھي، ٽڏھن کين پڪو اعتقاد ھوندو آھي تہ آھو ئي ڏوھي واڳون يا سندس ڪونہ ڪو ساڻي آھي."

ڏياڪ قبيلي وارن وانگر مڊاگاسکر جا مقامي باشندا ۽ "سواءِ پنھنجن دوستن مان ڪنھن جي انتقام وٺڻ جي، جنھن کي ڪنھن واڳونءَ ماريو ھوندو آھي، واڳونءَ کي ڪونہ ماريندا آھن. سندن اعتقاد آھي تہ انھن رڙھندڙ جانورن مان ڪنھن ھڪ جي خواہ مخواہ موت جي نتيجي ۾، (۲)"ليڪس ٽاليونس" جي اصول مطابق، ھڪ انساني زندگي تلف ٿيندي." مڊاگاسکر ۾ جيڪي ماڻھو "آنسي" ڏيڙ جي قريب رھندا آھن، سي ھر سال واڳن اڳيان ھڪ اعلان ڪندا آھن تہ اھي ڪن پنھنجن دوستن

---

(۱) انتقام جي، يا سزا طور انصاف ڏيندڙ ديوي، جا خاص طور انھن کي سزا ڏيندي آھي، جي ناجائز فائدو حاصل ڪري ڪنھن جي ڪوشش ڪندا آھن.

(۲) انتقام جو قانون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سوت جو اوترن ٿي واڳن کي سندس بدلي ۾ ماري انتقام وٺندا ۽ نيڪ طبيعت وارن واڳن کي خبردار ڪندا آهن ته اهي سندن آڏو نہ اچن، چو ته انهن سان ڪين ڪوبہ جهڳڙو ڪرڻو ڪونهي، پر ڪين فقط انهن بدسرشت ۽ بد نيت واڳن کان انتقام وٺڻو آهي، جن انساني زندگي ضايع ڪئي آهي. مٺڙا گاسکر جا ڪيئي قبيلا پاڻ کي واڳن جو اولاد سمجهندا آهن ۽ ان ڪري اهي هر مقصد ۽ مطلب لاءِ انهيءَ چڙَن واري، رڙهندڙ حيوان کي هڪ ماڻهو ۽ پنهنجوياڻ تصور ڪندا آهن. جيڪڏهن منجهائن ڪو حيوان ايتري قدر پنهنجي اصليت کي وساريَ ويهندو آهي، جو پنهنجي هڪ انساني رشتيدار کي ڳڙڪائي ويندو آهي ۽ ته قبيلي جو سردار يا سندس غيرحاضريءَ ۾ قبيلي جي رسمن کان واقف هڪ پيرمرد، پنهنجن ماڻهن جي مهنداري ڪندو، پاڻيءَ جي ڪناري ڏانهن ويندو آهي ۽ ڏوهاريءَ جي خاندان کي ڪوئي، کين اصلي گنهگار کي انصاف جي سپرد ڪرڻ لاءِ چوندو آهي. پوءِ هڪ ڪنڊي تيار ڪري، درياهه يا ونڊ ۾ اڇلائي ويندي آهي. ٻئي ڏينهن گنهگار "پاڻ" يا سندس خاندان جي ڪنهن ٻئي فرد کي گهلي، ڪناري تي آندو ويندو آهي ۽ جڏهن سندس ڏوهہ سوال ۽ جواب جي هڪ سلسلي ذريعي اُن جي دماغ ۾ چگيءَ طرح ويهاريو ويندو آهي، تڏهن کيس سوت جي سزا ڏِڙائي، قتل ڪيو ويندو آهي. هڪ دفعي جڏهن انصاف جون تقاضائون اهڙيءَ طرح پوريون ٿيندڙيون آهن ۽ قانون جو وقار مڪمل طور برقرار ڪيو ويندو آهي، تڏهن مرحوم واڳونءَ جو ماتر ڪيو ويندو آهي ۽ کيس هڪ عزيز وانگر دفن ڪيو ويندو آهي، سندس خاڪي جسم مٿان منيءَ جو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڙو ڪڙو ڪيو ويندو آهي ۽ سندس سسيءَ مٿان هڪ پٿر ڪوڙي، آن جو نشان قائم ڪيو ويندو آهي.

وري جيتو، خطرناڪ درندن مان هڪ ٻيو آهڙو جانور آهي، جنهن کان هڪ وحشي ماڻهو دور رهڻ کي ترجيح ڏيندو آهي، تہ مٿان انهيءَ نسل جي ڪنهن جانور کي مارڻ سان هو باقي ٻين جي مخالفت جي جذبي کي پڙ ڪائي وجهي. سوماترا جي باشندي کي ڪابہ لالچ، سواءِ پنهنجي بچاءَ يا ڪنهن مائٽ يا دوست جي ڪنهن جيتي هٿان مارجي وڃڻ کان هڪدم پوءِ، ڪنهن جيتي کي قاسائڻ يا زخمي ڪرڻ لاءِ آماده ڪاڻ ڪري سگهندي آهي. جڏهن ٻہ ڪنهن يورپي باشندي جيتن قاسائڻ لاءِ چار وڏو هوندو آهي، تڏهن ڏاڍو ويندو آهي تہ آس پاس جي علاقي جا ماڻهو رات جي وقت انهيءَ هنڌ ويندا آهن ۽ انهن جانورن کي سمجهائيندا آهن تہ سندن قاسائڻ لاءِ اهي چار سندن طرفان يا سندن رضامنديءَ سان ڪونہ وڌا ويا آهن. بينگال ۾، راڄا محل جي قريب وارين ٽڪرين جا باشندا، سواءِ اهڙيءَ ڪنهن حالت جي، جڏهن اهو جانور سندن عزيزن يا دوستن مان ڪنهن هڪ کي ڪٽي ويو هوندو آهي، جيتي کي مارڻ سخت ناپسند ڪندا آهن. اهڙيءَ صورتحال ۾، اهي جيتي کي شڪار ڪري، ڪيس مارڻ لاءِ نڪري پوندا آهن ۽ جڏهن انهن اهو مقصد حاصل ڪيو هوندو آهي، تڏهن اهي پنهنجون ڪمانون ۽ تير جيتي جي لاش مٿان ڪٽي رکندا آهن ۽ خدا کي ٻاڏائي چوندا آهن تہ هنن انهيءَ جانور کي محض پنهنجي مائٽ سٽ جي قتل ڪرڻ جي بدلي وٺل لاءِ ماريو آهي. جڏهن اهڙيءَ ريت انتقام پورو ڪيو ويندو آهي، تڏهن اهي قسم کڻندا آهن تہ اهي وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ۽ اهڙيءَ نوعيت واري ڪنهن ٻئي حادثي جي دوباره رونما ٿيڻ کان سواءِ، ٻئي ڪنهن چيتي تي حملو ڪرڻ ڪندا.

ڪئرولينا جا ڳاڙها هندستاني جڏهن رستي ويندي، نانگن جي سامهون ايندا هئا، تڏهن اهي کين ڏکوئيندا ڪين هئا، پر پيڇري جو پيو پاسو وٺي، ٽري ويندا هئا، چو ته سندن اعتقاد هو ته جيڪڏهن آهي ڪنهن نانگ کي ماري وڇهندا، ته سندس ذات ڀائي ۽ مائٽ سندن پائرن، دوستن ۽ مائٽن سان ڪن کي بدلي وٺڻ لاءِ ماريندا. ساڳيءَ ريت سيمينول قبيلي وارا ڳاڙها هندستاني *"رٽلر" نانگ کي ڪونہ ماريندا هئا، چوته ماريل نانگ جو روح پنهنجن مائٽن کي پنهنجي انتقام وٺڻ لاءِ آپارينڊو. "چيروڪي" قبيلي جا ڳاڙها هندستاني انهيءَ نانگ کي نانگن جي قوم جو سردار سمجهندا آهن ۽ ڪانئس ڊڄندا آهن ۽ سندس احترام ڪندا آهن. چيروڪي قبيلي جا تمام ٿورا ماڻهو، ڏاڍيءَ مجبوريءَ واريون حالتن کان سواءِ، انهيءَ نانگ کي مارڻ جي همٿ ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ حالت ۾ به، آهي شخصيءَ طور يا پنهنجي پوڄاريءَ جي ذريعي هڪ مقرر اصول مطابق، ڪيس مارڻ جي ڏوهہ لاءِ نانگ جي روح کان معافي وٺندا آهن. جيڪڏهن اهي حفاظتي قدم نظرانداز ڪيا ويندا، ته مئل نانگ جا مائٽ ٻاڻ منجهان ڪنهن هڪ کي خون جي انتقام وٺڻ لاءِ سوڪليندا، جو قاتل کي ڳولي ۽ ڪيس ڏنگ هٽي ماري ڇڏيندو. چيروڪي قبيلي

* هن نانگ جي ڇپ وارا سَنَڊ، ڊِلا ڪنڊيل هوندا آهن، جنهن ڪري چُرڻ پُرڻ وقت انهن مان جهينجهڻ وانگر آواز نڪرندو آهي. اهو نانگ تمام زهريلو ٿئي ٿو ۽ آمريڪا ۾ گهٽي تعداد ۾ ليڪي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنهن ۾ رواجي فرد کان جيسين پڇي سگهندو آهي، تيسين هو ڪنهن ۾ بگهڙ کي مارڻ جي همت کانئ ڪندو آهي، ڇو تہ ڪيس اهو اعتقاد آهي تہ مقتول جانور جي قوم وارا ان جي خون جو بدلو ضرور وٺندا ۽ جنهن هتيار سان بگهڙ کي مارڻ جوکم ڪيو ويو هوندو، سو مستقبل لاءِ بيڪار ثابت ٿيندو، جيسين ان کي صاف نہ ڪيو ويندو ۽ قبيلي جو "ويج" ان کي پاڪ نہ ڪندو. بهرحال، کي ماڻهو، جي اهڙيءَ حالت ۾ انهيءَ فعل جي رد جا ساڻ سوڙ چاڻندا آهن، سي بگهڙن کي، بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي مارينداوتندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪن ماڻهن کي بگهڙن ستايو هوندو آهي ۽ سندن چوپايو مال کاڏو هوندو آهي يا سندن مچيءَ جا چار خراب ڪيا هوندا آهن، تہ اهي ماڻهو انتقام وٺڻ لاءِ اهڙن چاڙو ماڻهن جون خدمتون خريد ڪندا آهن. مشرقي سوڊان جي نيوُبا جبل جي ضلعي ۾، هڪ قسم جي ڪاري پکيءَ جي آڪيرن کي ڊاهڻ يا سندن بچن کي کٽي وڃڻ جي سخت منع ٿيل هوندي آهي، ڇو تہ ماڻهن کي اعتقاد آهي تہ انهن پکين جا ماڻ ۽ پيءُ انهيءَ ڀري ڪم جي بدلي وٺڻ لاءِ طوفاني هوائون برپا ڪندا، جي بيٺل فصلن کي برباد ڪري ڇڏيندیون.

پر، صاف ظاهر آهي تہ وحشي ماڻهو سيني جانورن کي نہ ٿو چڏي سگهي. ڪيس يا تہ ڪن جانورن کي کائڻو آهي يا بک وگهي مرڻو آهي ۽ جڏهن سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ پاڻ مري يا جانور، تڏهن ڪيس مجبوراً پنهنجن وهمن تي غالب پئجي، جانور جي زندگي وٺي پوي ٿي. ساڳئي وقت هو انهن جانورن ۽ سندن قوم وارن جي ڪاوڙ کي ڏي ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو، خود انهن کي مارڻ وقت ۾ هو سندن لاءِ احترام جو مظاهرو ڪري ٿو يا مڻ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سندن موت آڻڻ ۾ هن جو هٿ ڪونهي يا هو پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ سائن هيءَ ۾ وعدو ڪري ٿو ته سندن هڏن سان باعزت سلوڪ ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح، هو موت کي سندس هولناڪين کان صاف ڪري، پنهنجي شڪار جي جانورن کي سندن انجام کي تسليم ڪرڻ ۽ سندن هم قوم جانورن کي وٽس قريب پهچي، مارجڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي اُميد رکي ٿو. مثال طور، "ڪامنچالڪن" قبيلي وارن وٽ اهو اصول هوندو هو، ته اهي ڪڏهن ۾ ڏرتيءَ يا پاڻيءَ جي ڪنهن ۾ جانور کان اڳ ۾ معافي وٺڻ ۽ ڪيس ناراض نه ٿيڻ جي منٽ ڪرڻ کان سواءِ، نه ماريندا هئا. انهيءَ کان سواءِ، اهي ڪيس ملهيون شيون ڪائڻ لاءِ پيش ڪندا هئا، ته جيئن اهو جانور ائين نه سمجهي ته اهو قرباني جو بکرو آهي، پر هو دعوت تي آيل هڪ مهمان آهي. سندن اعتقاد هو ته سندن اهو عمل انهيءَ نسل جي ٻين جانورن کي، وٽن اچڻ کان نه ڊيڄائيندو. مثال طور، آهي جڏهن ۾ ڪنهن رڇ کي ماريندا ۽ سندس گوشت کائيندا هئا، تڏهن ميزبان رڇ جي سسي مهمانن اڳيان ڪٽي ايندو هو، ان کي گاهه ۾ ويڙهيندو هو ۽ سندس حضور ۾ مختلف قسمن جون نڊيون وڏيون شيون پيش ڪندو هو. پوءِ اهو رڇ جي موت جو ڏوهه روسين تي هٽندو هو ۽ ڪيس انهن کان انتقام وٺڻ جي تلقين ڪندو هو. ان کان سواءِ، هو رڇ کي چوندو هو ته اهو ٻين رڇن کي ۽ ٻڌائي ڇڏي ته سائس ڪهڙي سٺي هلت ڪئي ويئي هئي ۽ اهي ۽ بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي وٽن هليا اچن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيل، سمنڊ جي شينهن ۽ ٻين سامونڊي جانورن سان "ڪامڻچاڻڪن" قبيلي جا ماڻهو اهڙي ئي قسم جي رسمي احترام واري هلت ڪندا هئا. آن سان گڏ، آهي ماريل جانورن جي وات ۾ اهڙيءَ ٻوٽيءَ جا تندورا وجهي چڊيندا هئا، جي رڇ جي گوشت جي ٻوٽيءَ سان مشابهت رکندا هئا، جنهن کان پوءِ اهي انهن مشڪندڙ ڪوپرين کي تلقين ڪندا هئا ته اهي ڊپ نه ڪن ۽ پنهنجن قوم وارن کي وڃي چون ته اهي به اڇي پاڻ کي قاسرائين ۽ اهڙيءَ طرح آهي به انهيءَ دلڀذير مهمان نوازيءَ ۾ حصو وٺن. "اوسٽياڪ" قبيلي وارا جڏهن ڪنهن رڇ جو شڪار ڪري کيس ماريندا آهن، تڏهن ان جي سسي وڏي، وڻ تي لٽڪائيندا آهن. پوءِ اهي گول حلقي جي صورت ۾ وڻ جي چوڌاري جمع ٿيندا آهن ۽ ان کي ديوتائن جهڙو اعزاز ڏيندا آهن. ان کان پوءِ، اهي رڇ جي لاش ڏانهن ڊوڙندا ۽ هن طرح ماتم ڪندا آهن، ته "توکي ڪنهن ماريو؟ اهي روسي هئا. تنهنجي سسي ڪنهن وڌي؟ اهو هڪ روسي کهاڙو هو. تنهنجي ڪل ڪنهن لاٿي؟ اهو هڪ روسيءَ جي هٿ جو ٺهيل چاقو هو." اهي کيس هيءَ ڳالهه به سمجهائيندا آهن ته جن ڪنين تير کي سندس پرواز ۾ تيز رفتار ڪيو، سي هڪ اجنبي پکيءَ جي پَر مان آيا هئا ۽ انهن تير کي چوڙڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪيو هو. آهي هين ڪري اهي سڀ ڳالهيون ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته کين يقين هوندو آهي ته جيڪڏهن آهي مئل رڇ جي روح کي اهڙيءَ طرح ڏڏو نه ڪندا ته رڇ جو رلندڙ ٻوٽ پهرئين موقعي ملڻ سان مڙن حملو ڪندو. يا وري آهي مئل رڇ جي ڪل کي سڪل گاهه سان پريندا آهن ۽ پنهنجيءَ ڪاميابيءَ کي ٺڏوليءَ ۽ بيعزتيءَ جي گيتن ڳائڻ، ڪل تي ٽڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُچلائڻ ۽ لٽڻ هٿ کان پوءِ، اُن کي سندس پوين ٽنگن تي اڌاري بيهارينداَ آهن "۽ پوءِ ڪافي دڳهي عرصي تائين، اهي شئس اهڙيءَ پوڄا جي نوازش ڪندا رهندا آهن، جهڙي انهي پنهنجي محافظ ديوتا جي ڪندا آهن." جڏهن "ڪورياڪ" قبيلي جي ڪنهن شڪاري ٽوليءَ کي ريڇ يا بگهڙ ماريو هوندو آهي، تڏهن اهي سندس کل لاهي، پنهنجن ماٿهن منجهان ڪنهن هڪ کي اها کل پارائيندا آهن. پوءِ آهي کل ۾ ڏکيل ماڻهوءَ جي چوڌاري ڇڏندا آهن ۽ ڪيس هيئن چوندا آهن ته واسطيدار جانور کي "انهن نه، پر ڪنهن ٻئي، عام طور ڪنهن روسيءَ، ماريو هو." جڏهن اهي ڪنهن لومڙ کي مارينداَ آهن، تڏهن اُن جي کل لاهي، سندس جسم کي پنن ۾ ويڙهي هيئن چوندا آهن ته "هو وڃي پنهنجن همراهن کي ٻڌائي ته سندس کهڙي نه مهمان‌نوازي ڪئي ويئي آهي ۽ ڪيئن نه ڪيس پُراڻي ڇوڻي بدران هڪ نئون لباس ڏنو ويو آهي." ڪورياڪ قبيلي وارن جي رسمن جو هڪ زياده تفصيلي بيان جديد دور جي هڪ مصنف ڏنو آهي. هو چوي ٿو، ته جڏهن ننڍل ريڇ کي جاءِ ۾ آندو ويندو آهي، تڏهن زالون هٿن ۾ ٻرندڙ ٻُنڊيون ڪٽي نچنديون آهن ۽ اُن جو استقبال ڪنديون آهن. ريڇ جي کل سندس سسيءَ سان گڏ لاٿي ويندي آهي ۽ عورتن سان هڪ چٽي آها کل پائي نچندي ۽ ريڇ کي ننڍون ڪندي آهي ته هو اُنهن ماٿهن تي ڪاوڙ نه، پر رحم ڪري. ساڳئي وقت، آهي "ڪاڪ جي هڪ خونچي ۾ گوشت رکي، ننڍل جانور کي آچيندا آهن ۽ ڪيس هيئن چوندا آهن، ته "ڪاڪ، دوست." اُن کان پوءِ، هڪ رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن جو مقصد ننڍل ريڇ يا سندس روح کي پنهنجي گهر موڪلڻ جو هوندو آهي. ڪيس سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر جي راه خرچ لاءِ ڪير مان ٿهيل شيون، ڦاڙهي جو گوشت وغيره گاهه جي هڪ ڪوٽريءَ ۾ وجهي ڏيندا آهن. سندس کل کي گاهه سان ڀري، پنهنجي گهر جي چوڌاري ڦيرائيندا آهن، جنهن کان پوءِ عام طرح اڻين سمجهيو ويندو آهي ته اهو روح ايرلڊ سچ طرف روانو ٿي ويو. انهن رسمن جو مقصد ماڻهن کي قتل ٿيل رڇ ۽ سندس قوم وارن جي ڪاوڙ کان محفوظ رکڻ ۽ اهڙيءَ طرح مستقبل ۾ رڇن جي شڪار ۽ ڪاميابيءَ جي خاطريءَ ڪرڻ جو هوندو آهي. فنلئنڊ جا رهاڪو پئل رڇ کي رهن اعتبار ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته ڪيس انهن کي ڪونه ماريو هو، پر اهو وڻ تان ڪري پيو هو يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مئو هو، تنهن کان سواءِ، اهي سندس اعزاز ۾ تعزيت جي هڪ محفل منعقد ڪندا هئا، جنهن جي ختم ٿيڻ بعد، قبيلي جا پٽ سندس شان ۾ تعريف جو هڪ طويل قصيدو گائيندا هئا ۽ مقامي زور آئيندا هئا ته اهو بين رڇن کي ٻڌائي ته ڪيس وڏي عزت ڏني ويئي هئي، ته جيئن اهي ٻ، ان جو مثال وٺي، ۽ وڻ اچن ۽ پاڻ کي قتل ڪرائين. جڏهن "لئپ" قوم وارن ڪنهن رڇ کي دليريءَ سان مارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هوندي هئي، تڏهن اهي انهيءَ رڇ جي شڪر گذاري ڪندا هئا، جو هن سندن انهن ڏنڊن ۽ پالن کي نه توڙيو هو، جي انهن کيس موت وارن زخمن رسائڻ ۾ استعمال ڪيا هئا ۽ ڪين زخم ۾ نه رسايا هئا. اهي سندس حضور ۾ هيءَ ۾ دعا ڪندا هئا ته هو ڏانهن طوفان نه موڪلي يا ٻئي ڪنهن نموني ۾ ۾ پنهنجي موت کي ساڻن ملاقات ڪرڻ لاءِ نه موڪلي. پوءِ اهي ان جي گوشت تي هڪ شاندار محفل منعقد ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارين طرفان رڄ ڪي جيڪو احترام ملي ٿو ۽ جنهن ڪي اهي، باقاعده طور مارين ۽ ڪائين ٿا، تنهن جو سراغ اهڙي ۽ طرح تڏهين دنيا جي شمالي علائقي ۾، بيرنگ ڳچي سمنڊ ڪان ولي، لئب لئنڊ تائين ملي ٿو. اهو ساڳين صورتن ۾ اتر آمريڪا ۾ وري اڃي ظاهر ٿئي ٿو. آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين وٽ، رڄ جو شڪار هڪ اهم واقعو هوندو هو، جنهن ڪان اڳ اهي طويل فاقين ڪيڏ ۽ جلاءڻ ڪائو سان، تياري ڪندا هئا. شڪار تي نڪرڻ ڪان اڳ، اهي انهن رڄن جي روحن ڪي راضي ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيندا هئا، جن ڪي انهن اڳين شڪارن ۾ ماريو هوندو هو ۽ ڪين عرض ڪندا هئا تہ اهي شڪارين سان دوستاڻو رويو اختيار ڪن. جڏهن ڪو رڄ ماريو ويندو هو، تڏهن شڪاري پنهنجي ٽماڪ چڪن واري پائپ ٻاري، ان جو منهن رڄ جي ڇڻ جي وچ ۾ رکي، مٿل رڄ جو وات دونهي سان ڀريندو هو. پوءِ هو رڄ ڪي عرض ڪندو هو تہ ڪو اهڙي طرح مارجي وڃڻ تي ناراض نہ ٿئي ۽ آئيندہ لاءِ سندس شڪار جي راه ۾ رڪاوٽون نہ وجهي. رڄ جو سڄو جسم باهم تي پچائي، ڪاڏو ويندو هو، سندس گوشت مان هڪ ذرو بہ بچائي ڇڏي ڏيڻ ممنوع هو. سندس سسيءَ ڪي ڳاڙهو ۽ نيلو رنگ ٿئي، هڪ ٽنب تي لٽڪايو ويندو هو، جنهن قبيلي جا واعظ ڪيس خطاب ڪندا هئا ۽ مٿل جانور، مٿان تعزيفن جا ڍير ڪندا ويندا هئا. اوڻاوا قبيلي وارن جي "رڄ قبيلي" جا ماڻهو جڏهن ڪو رڄ ماريندا هئا، تڏهن اهي سندس ٻي گوشت ٻاڻ سندس دعوت ڪندا هئا ۽ ڪيس هن طرح خطاب ڪندا هئا تہ "اسان جي خلاف پنهنجي ۽ دل ۾ ڪا رنجش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ رکجانءِ، جو اسان توکي ماريو آهي، توکي عقل آهي، تون ڏسين ٿو تہ اسان جا ٻچا ٻکيا آهن، اهي توکي پيار ڪن ٿا، توکي پنهنجن پيٽن اندر ڪٽي وڃڻ چاهين ٿا. چا، هڪ سردار جي پارن جي خوراڪ ٿيڻ، فخر جهڙي ڳالهہ ناهي؟" برنش ڪولمبيا جي "نوٽڪا" قبيلي وارن ۾، جڏهن ڪو وڏ ماريو ويندو هو، تڏهن "ان کي گهر آڻي، سڀني کان وڏي سردار جي سامهون آڻيو ڪري ويهاريو ويندو هو، ان جي مٿي تي سردارن جهڙو هڪ ٽوپ وڌو ويندو هو، جنهن تي تصويرون آڪريل هونديون هيون، جنهن جي پٺيءَ ڪي هڪ قسم جي اڇي گاهہ جو ٻاڦ در هٽي، اڇو ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ، سندس سامهون ڪاڏي پيتي جي شين سان پريل هڪ (طبخ) ڪيو ويندو هو، ڪيس لفظن ۾ اشارن سان ان کي ڪائڻ لاءِ سڏ ڪيو ويندو هو. بعد ۾ جانور جي ڪل لاهي، پاڻيءَ ۾ پڪائي، ڪاڏي ويندي هئي.

ٻين خطرناڪ جانورن کي به سندن شڪاري، جي ڪين باقاعدگيءَ سان جارن ۾ ڦاسائيندا ۽ مارائيندا آهن، ساڳئي قسم جي عزت ڏيندا آهن. جڏهن "ڪافر" قبيلي جا شڪاري هاٿيءَ سڀان نيزن جو مينهن وسائي وارا هوندا آهن، تڏهن اهي وڏو واکو ڪري چوندا آهن تہ "اسان کي نہ مارجانءِ، ڪپجان، اسان کي تہ ڪو ڏڪ هٽجانءِ ۽ نہ چيڀاڙجانءِ، اي طاقتور سردار!" جڏهن هاٿي مري ويندو آهي، تڏهن اهي سندس اڳيان بهانا ڪندا آهن ۽ اهو ڏونگ ڪندا آهن تہ سندس موت محض هڪ اتفاق هو. ڪيس احترام ڏيڻ لاءِ، سندس سونڈ کي سنجيده قسم جي ڪن رسمن ادا ڪرڻ سان دفن ڪيو ويندو آهي، جو تہ اهي ماڻهو چوندا آهن تہ "هاٿي هڪ وڏو امير آهي ۽ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونڊ هن جو هٿ آهي." "ٽڪسوسا ڪافر" قبيلي وارا هاڻي تي حملي ڪرڻ کان اڳ، واڪا ڪري ڪائنس انهيءَ ڪوس لاءِ معافي طلب ڪندا آهن، جو اهي ڪرڻ وارا هوندا آهن. سندس شخصيت لاءِ پنهنجي احترام جي جذبي جو اقرار ڪندا آهن ۽ انهيءَ ضرورت جو ٻ صاف لفظن ۾ بيان ڪندا آهن، جا انهن سندس عاج جي ڏندن هٿ ڪرڻ لاءِ محسوس ڪئي هوندي آهي، تہ جيئن انهن جي بدلي ۾ هو موتي ۽ پنهنجون ٻيون ضرورتون حاصل ڪري سگهن. جڏهن اهي ڪيس ماري پورو ڪندا آهن، تڏهن سندس سونڊ جي پڇڙيءَ سان ڪجهه شيون ملائي، جي هنن سندس عاج جي عيوض خريد ڪيون هونديون آهن، دفن ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ جادوئي ڪي ٽارڻ جي توقع رکندا آهن، جو ٻيءَ صورت ۾ ڪين اهڙي ڏوهه جي پاداش ۾ جيڪر پيش اچي ها. مشرقي آفريڪا جي ڪن قبيلن ۾، جڏهن ڪو شينهن ماريو ويندو آهي، تڏهن اهو بادشاهه جي روبرو آندو ويندو آهي، جو سندس اڳيان زمين تي سجدو ڪري ۽ پنهنجو منهن انهيءَ درندي جي پوٽ سان گسائي، پنهنجي تواضع جو اظهار ڪندو آهي. اولهه آفريڪا جي ڪن علائقن ۾، جيڪڏهن ڪو حبشي ڪنهن چيتي کي ماري وجهندو آهي، تہ هو اُن کي مضبوطيءَ سان ٻڌي، سردارن وٽ هن الزام هيٺ آڻيندو آهي تہ هن سندن همرتبي وارن مان هڪ جو قتل ڪيو آهي. اهو ماڻهو هن دليل تي پنهنجو بچاءُ ڪندو آهي تہ چيتو پيلي جو سردار آهي ۽ اُن کي انهن لاءِ هڪ اجنبيءَ جي حيثيت رکي ٿو. پوءِ انهيءَ شڪاريءَ کي آزاد ڪري، انعام ڏنو ويندو آهي. پر مئل چيتي کي سردارن جهڙو ٽوپ وجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ۾ رکيو ويندو آهي، جتي ان جي اعزاز ۾ شبينہ ناچ ڪيا ويندا آهن. باگندا قبيلي وارا اهڙين سينهن جي پوتن کان گهٽو ڊڄندا آهن، جن کي انهن ماريو هوندو آهي ۽ اهي انهن خطرناڪ پوتن کي راضي ڪرڻ لاءِ هميشه ڪوشان رهندا آهن. اهي ڪنهن به حالت ۾ ڪنل سينهن جي منڊي ڳوٺ يا باغ اندر ڪونہ ڪٽي ايندا آهن، پر منڊيءَ جو گوشت هميشه باهر، ڪليل جهنگ ۾ ڪائيندا آهن. ان کان پوءِ، اهي سندس ڪوپريءَ کي هڪ ننڍڙيءَ پونگيءَ اندر رکندا آهن، جا خاص انهيءَ مقصد لاءِ ٺاهي ويندي آهي ۽ ان جي مٿان اهي نذراني طور بيئر اوتيندا آهن ۽ پوت کان دعا پنندا آهن تہ هو مهرباني ڪري اتي ئي ترسي، جتي ڪيس آندو ويو آهي ۽ کين ڪو ضرر نہ رسائي.

هڪ ٻيو طاقتور جانور، جنهن جي حياتي هڪ وحشي شڪاري خوشيءَ، پر ان جي باوجود ڊپ وڇان ۽ ڏکي ڏکي ختم ڪندو آهي، سو آهي مانگر مڇ. اتر اوپر سائبيريا جي جهازران ڪورياڪ قبيلي وارن، جڏهن ڪو مانگر مڇ ماريو هوندو آهي، تڏهن اهي سڄيءَ قوم جي هڪ عام دعوت ڪندا آهن، "جنهن جي هڪ ضروري حصي جو بنياد هن نظريي تي رکيل هوندو آهي تہ، مانگر مڇ ڳوٺ وارن جي ملاقات تي آيو آهي، تہ اهو ٿوري وقت لاءِ ترسي رهيو آهي، جنهن جي دوران ۾ ساٿس گهٽيءَ عزت وارو وتاءُ ڪرٽو آهي، تہ پوءِ وري اهو واپس سمنڊ ۾ ويندو، تہ جيئن ايندڙ سال هو دوباره سندن ملاقات لاءِ اچي سگهي، تہ هو پنهنجن مٽن مائٽن کي هيءَ ڳالهہ ٻڌائي، تہ سندس استقبال مهمان نوازيءَ سان ڪيو ويو، کين به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ لاءِ آماده ڪندو. ڪورياڪ نظريي مطابق، مانگر سچ ۾ پين سيني جانورن وانگر، هڪ قبيلي يا وڏي خاندان جا فرد هوندا آهن ۽ اهي ڪورياڪ قبيلي وارن وانگر، ڪوئن ۾ گڏ رهندا آهن. اهي پنهنجي خاندان جي ڪنهن فرد جي قتل ٿيڻ تي سندس خون جو انتقام ولندا آهن ۽ انهن مهربانين لاءِ شڪر گذار هوندا آهن، جي ڪين ملڪيون هونديون آهن." مٿڀرا گاسڪر جي شمال ۾، سينٽ ميري ۽ جي ٻيٽ جا باشندا، جڏهن مانگر سچ جو شڪار ڪرڻ لاءِ ويندا آهن، تڏهن اهي ننڍن ڇوڪرن کي پنهنجي حملي لاءِ منتخب ڪندا آهن ۽ "ڇوڪرن جي ماءُ کان ڏاڍي نياز ۽ نڙوڙ سان، ڪيئن اها ضرورت ٻڌائي، جا ڪين سندس نسل کي مارڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي، معافي گهرندا آهن ۽ عرض ڪندا آهن ته جيسين اهي انهيءَ ڪم ۾ مشغول رهن، تيسين اها مهرباني ڪري هيٺ لهي وڃي، ته جيئن اها اهڙي ڪارروائي پنهنجين اکين سان نه ڏسي، جا ڪيس بي آراميءَ ڏيئ جو باعث بڻجي، ۽ جيئن سندس مادراڻ جذبات تي حملو نه ٿئي." اجوبها قبيلي جي هڪ حبشيءَ، ازينگو ڏنڊ تي جڏهن درياهي گهوڙي جي هڪ مادي ماري ڪيس ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ سندس پير ۽ آنڊا وڏي جدا ڪيا، تڏهن هن اگهاڙو ٿي، جانور جي چاتيءَ وارين تاڪين جي هيٺان گهڙي ۽ رت جي دٻي ۾ اونڌو ٿي، پنهنجو سڄو بدن انهيءَ جانور جي رت ۽ جسم سان خارج ٿيندڙ پين فضلات سان ڀڻيو ۽ درياه جي گهوڙيءَ جي روح کان دعا ٻڌائين. تہ آها مهرباني ڪري پنهنجي مارجڻ ۽ پٺي اولاد چڙ جي اميدن کان محروم ٿيڻ سبب ساڻس دشمني نه رکي، ازانسواءِ، هن سندس روح کان هيءَ به دعا گهري ته اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرباني ڪري پين درياهي گهوڙن کي سندس موت جي انتقام وٺڻ
۽ هن جي پيڙيءَ کي اونڌي ڪرڻ لاءِ نہ آيا ري.

آئونس نالي هڪ جانور جي ناگاهہ حملن کان، جو چيتي
جي ذات جو هڪ شينهن آهي، برازيل جا ڳاڙها هندستاني ڏاڍا
ڊڄندا آهن. جڏهن اهي انهن جانورن منجهان ڪنهن هڪ کي
چار ۾ قاسائيندا آهن، تڏهن ان جو لاش ڪوٺ ڏانهن آڻيندا آهن.
اتي پهچڻ تي، ڪوٺ جون زالون چيتي جي لاش مٿان مختلف
رنگن جا ڪپڙ ۽ سندس ٽنگن ۽ ڪنگڻ وجهنديون آهن ۽
مٽائنس ويهي روئنديون ۽ هيٺ چوئنديون آهن ته "آءٌ توکي منٽ
ٽي ڪريان ته پنهنجي اڻجاڻائيءَ سبب قاسڻ ۽ مارجي وڃڻ ڪري،
اسان، ٻارن، کان ٻدلو نہ وٺجانءِ. ڇو ته اسان توکي ڪونہ ڏٺيون،
پر تون پاڻ کي خود ئي ڏٺيو. اسان جي مڙسن ته فقط انهن
جانورن کي قاسائڻ لاءِ جار وڌو هو، جي ڪائڻ ۾ لذيذ هوندا
آهن، انهن توکي قاسائڻ جو ارادو ڪونہ ڪيو هو. تنهن ڪري،
براه نوازش، مٿان پنهنجي روح کي تنهجن پين مائڻن کي انهيءَ
مشوري ڏيڻ جي اجازت ڏين ته اهي تنهنجي خون جو انتقام اسان
جي پڇن کان وٺن." بلڪ فوٺ قبيلي جو ڳاڙهو هندستاني جڏهن جار ۾
عقاب قاسائي، انهن کي مارينڊو آهي، تڏهن هو ڪين پنهنجي گهر
۾ هڪ خاص اڏي تي ڪٽي ويندو آهي، جنهن کي عقابن جو گهر سڏيو
ويندو آهي ۽ جنهن کي سندن استقبال لاءِ قبيلي جي چانوٽيءَ کان ٻاهر
تيار ڪيو ويو هوندو آهي. اتي اچي، هو پکين کي هڪ قطار ۾
زمين تي ليٽائيندو آهي ۽ سندن مٿا هڪ ٻئي تي ٻيهاري،
هرهڪ پکيءَ جي وات ۾ خشڪ گوشت جو ڏڙو وجهندو آهي،
ته جيئن مئل عقابن جا ارواح پنهنجن پين عقابن کي وڃي ٻڌائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انهن سان هندستانين کهڙو نہ سهڙو سلوڪ ڪيو هو. سا ڪيءَ طرح، اورينوڪو علاقي جا ڳاڙها هندستاني جڏهن ڪو جانور ماريندا آهن، تڏهن اهي ان جو وات ڪولي، منجهس انهيءَ شراب جا چند قطرا وجهندا آهن، جيڪو اهي پاڻ سان گڏ ڪٽي هلندا آهن، تہ جيئن مئل جانور جو روح پنهنجن پين همراهن کي انهيءَ آجيان متعلق خبردار ڪري ۽ اهي پڻ اهڙيءَ رحمدلانہ هلت جي اميد کان متاثر ٿي، خوشيءَ سان اچي پاڻ کي مارائين. ٽيٽان قبيلي جو ڳاڙهو هندستاني جڏهن سفر ۾ هوندو آهي ۽ انهيءَ دوران ۾ ڪنهن ناسي ڪوريڙي يا پيلين ٽنگن واري ڪوريڙي سان ملي ويندو آهي، تڏهن هو انهيءَ کي ماريندو آهي، ڇو تہ انڙن نہ ڪرڻ سبب، مئل ڪانہ ڪا آفت نازل ٿيندي. پر انهيءَ ڪم ڪرڻ کان اڳ، هو ڏاڍي خبرداري ڪندو آهي تہ ڪوريڙي کي اها خبر نہ پوي تہ هو ڪيس مارڻ وارو آهي، ڇو تہ جيڪڏهن ان کي اها خبر پڄي ويندي، تہ سندس روح پين ڪوريڙن کي وڃي آگاهہ ڪندو ۽ منجهائن هڪ نہ هڪ پڪ پنهنجي عزيز جي موت جو بدلو ڪاڪيس اڃي وٺندو. ان ڪري ڪوريڙي کي چيڙاڙي مارڻ وقت، اهو هندستاني هيئن چوندو آهي: "اي ڏاڏا ڪوريڙا، گجگوڙ ڪنڊ هستيون توکي ماري رهيون آهن." پوءِ هو ڪوريڙي کي هڪدم چيپائي ماري ڇڏيندو آهي، جو انهيءَ ڳالهہ تي يقين ڪري ويندو آهي، جا ڪيس تازو ٻڌائي ويئي. شايد سندس روح ڊوڙي وڃي پين ڪوريڙن کي سڏائيندو آهي تہ گجگوڙ ڪنڊ هستين کيس ماريو آهي، پر ان سان ڪوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو آهي، ڇو تہ ناسي رنگ يا پيلين ٽنگن وارا ڪوريڙا گجگوڙ ڪنڊ هستين کي ڇا ڪري سگهندا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر، وحشي فقط خطرناڪ جانورن سان ئي سڌو سلو ڪروا ڪونہ رکندو آهي. اها تہ هڪ حقيقت آهي تہ جهنگلي حيوانن کي هو جيڪو احترام ڏيندو آهي، سو سندن طاقت ۽ وحشت جي مطابق هوندو آهي. چنانچہ، ڪٿمبوڊيا جا وحشي اسٽين قبيلي جا ماڻهو، جن جو اعتقاد آهي تہ سڀني جانورن کي روح هوندا آهن، جي سندن مرڻ پڄاڻا هيڏانهن هوڏانهن رلندا وتندا آهن، ڪنهن بہ جانور کي مارڻ وقت کانئس هيءَ معافي طلب ڪندا آهن، تہ متان سندس روح اڇي کين تنگ ڪري. اهي ڪيس قربانيون بہ ڏيندا آهن، پر اهي قربانيون مڙل جانور جي جسامت ۽ طاقت جي مناسبت سانڻ هونديون آهن. هاٿيءَ جي موت تي اهي جيڪي رسمون ادا ڪندا آهن، سي ڏاڍي شان و شوڪت واريون هونديون آهن ۽ ستن ڏينهن تائين هلنديون آهن. اتر آمريڪا جا ڳاڙها هندستاني پڻ اهڙو امتياز رواُ رکندا آهن. "رڇ، مينهن ۽ *"بيور" "ٿيڙبو" (ديوتائون) آهن، جي خوراڪ سهيا ڪن ٿا. رڇ طاقتور ۽ ڪاڏي ۾ لذيذ آهي. اهي ماڻهو سندس حضور ۾ خاص رسمون ادا ڪندا آهن ۽ ڪيس عرض ڪندا آهن تہ هو پاڻ کي ڪائڻ لاءِ ونڻ اڇي پيش ڪري، حالانڪ کين معلوم هوندو آهي تہ رڇ کي اها ڳالهہ ناپسند هوندي آهي. اسين توکي ماريون ٿا، پر تون صفا ناس نہ ٿو ٿئين. هن جو مٿو ۽ چنبا قابل احترام شيون آهن ..... ۽ين جانورن سان بہ ساڳين سڀين ڪري ساڳيو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي ..... گهٽا جانور ديوتائون، جيڪي خطرناڪ ڪونہ هوندا آهن، سي قابل نفرت سمجهيا ويندا آهن، جهڙوڪ ساونڊي ڪٽمين، وڏو لڏڙو ۽ قطبي ٻلو، وغيره". اهو

* ڪوئي جي ذات جو هڪ وڏو پشمين جانور، جو اتر آمريڪا جي ڏنڍن ۽ درياهن جي ڪنارن تي رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتياز سبق آموز آهي. جيڪي جانور خوف پيدا ڪن ٿا، يا ڪائڻ ۾ لذيذ ٿين ٿا، يا جن ۾ ٻيئي خوبيون موجود آهن، تن سان رسمي احترام وارو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، اهي جيڪي نہ طاقتور آهن ۽ نہ ڪائڻ ۾ لذيذ، تن کان نفرت ڪئي ويندي آهي. اسان کي انهيءَ احترام جا مثال اڳيئي ٻڌايا آهن، جو انهن جانورن کي ڏنو وڃي ٿو، جن کي ڪاڏو وڃي ٿو. هاڻي اسان کي هيءَ ثابت ڪرڻو آهي ته انهن جانورن کي، جن کان ڪو به خوف يا خطرو ڪونہ محسوس ڪيو ويندو آهي، تن کي يا ته ڪاڏو ويندو آهي يا سندن کلن سبب انهن جو قدر ڪيو ويندو آهي.

جڏهن سائبيريا جي قطبي لڏڻ جا شڪاري ڪو لڏڻو قاسائيندا آهن، تڏهن اهي کنهن کي به ڪيس ڏسڻ نہ ڏيندا آهن، جو ته سندن خيال آهي ته جيڪڏهن قاتل جانور جي متعلق ڪا به ري پاڙ پلي ڳالهه ڪئي ويندي، ته وڌيڪ لڏڻا نہ قاسندا. هڪ شڪاريءَ جي ڳالهه ڪندا آهن ته انهيءَ پنهنجي هن اعتقاد جو اظهار ڪيو ته قطبي لڏڻا پنهنجي متعلق ڳالهائيل ڪا به ڳالهه ايتريءَ دوريءَ تائين به پڌري سگهندا آهن، جيتريءَ دوريءَ تي ماسڪو شهر پيئل آهي. هن چيو ته قطبي لڏڻ جو واپار هن وقت ايترو فائديمند هن سبب ڪري ناهي، جو ڪن جيئرن قطبي لڏڻ کي ماسڪو موڪليو ويو هو. اتي ڪين عجيب جانورن جي حيثيت ۾ حيرت جي نگاهن سان ڏٺو ويو هو، جا ڳالهه قطبي لڏڻ کان برداشت ڪائي نہ سگهندي آهي. اڄ ڪلهه قطبي لڏڻ جي گهٽيل شڪار جو هڪ ٻيو حالانڪ ننڍو سبب جيڪو هن ڏنو، سو هيءَ هو ته هيءَ دنيا اڳي کان گهٽي قدر ري آهي، جنهن ڪري هن زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪ شڪاري قاسايل لڏڻ کي عام ولر ۾ شامل ڪرڻ کان، ڪڏهن ڪڏهن ان کي لڪائڻ کي ترجيح ڏيندو. اها گالهه ٻ، هن جيو، قطبي لڏڻا برداشت نه ڪري سگهندا آهن. الاسڪا جا شڪاري قطبي "بيور" ۽ لڏڻ جي هڏن کي هڪ سال تائين ڪتن کان محفوظ ڪري رکندا آهن، جتهن کان پوءِ اهي کين احتياط سان دفن ڪندا آهن، ته "ستان آهي روح، جيکي قطبي لڏڻ ۽ "بيورن" جي حفاظت ڪندا آهن، سي سمجهن ته انهن کان نفرت ڪئي وڃي ٿي، جنهن ڪري هينئر وڏيڪ سرڻ ۽ قاسڻ نه گهرجي." ڪنادا جا گاڙها هندستاني ۾ هن گالهه جو اهڙو ئي احتياط ڪندا هئا، ته سندن ڪتا "بيور" جا هڏا يا گهٽ ۾ گهٽ انهن سان ڪجهه نه چٻائين. اهي تمام گهڻي تڪليف وٺي، انهن هڏن کي جمع ڪري، محفوظ رکندا هئا ۽ جڏهن سندن چار ۾ ٻيا "بيور" قاسيندا هئا، تڏهن اهي انهن هڏن کي درياه ۾ آڇلائيندا هئا. هڪ *"جيزوٽ" جڏهن هي دليل پيش ڪيو ته "بيور" کي ڪهڙي خبر پوندي ته سندس هڏن جو ڪهڙو حشر ٿيو، تڏهن هڪ گاڙهي هندستاني ڪيس جواب ڏنو، ته "توکي 'بيور' قاسائڻ جي ڪا به بيٺ ڪانهي." ان هوندي به ٿوڻ آنهن جي متعلق بڪ ڪرين ٿو. جڏهن 'بيور' صفا ڏڏو ٿي ويندو آهي، تنهن کان آڳ سندس روح آنهيءَ ماڻهوءَ جي جهوڙيءَ جو چڪر هٽي، جيکو ڪيس ٻاريندو آهي، هن گالهه کي احتياط سان جاچيندو

* جيزس (مسيح) سوسائٽيءَ جو هڪ ميمبر، جنهن جو بنياد اگنيشيس لويولا نالي هڪ شخص سنه ۱۵۳۴ع ۾ آمريڪا ۾ وڌو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ سندس هڏن کي چا ٿو ڪيو وڃي. جيڪڏهن سندس هڏا ڪتن کي ڏنا ويندا، تہ ٻين "ٻيورن" کي فوراً ان جو پتو ملي ويندو ۽ اهي پاڻ کي هرگز قاسڻ کونہ ڏيندا. پر جيڪڏهن سندن هڏن کي باهہ يا درياهہ ۾ اڇلايو ويندو آهي، تہ اهي مطمئن هوندا آهن، ۽ اها گالهہ انهيءَ جار لاءِ خاص طور خوش نصيبيءَ جو باعث هوندي آهي، جنهن انهن کي قاسايو هوندو آهي."

"ٻور" جي شڪار تي نڪرڻ کان اڳ آهي هندستاني "وڏي ٻور" جي پوڄا ڪندا هئا ۽ ڪيس تماڪ پيش ڪندا هئا، ۽ جڏهن شڪار ختم ٿي ويندو هو، تڏهن سندن هڪ مقرر مثل "ٻيورن" مٿان جنازي جو خطبو پڙهندو هو. هو سندن همت ۽ عقل جي هن طرح تعريف ڪندو هو: "او هين هينئر نہ ٻڌي سگهندا،" اهو چوندو هو، "انهن سردارن جو آواز، جن اوهان تي حڪمراني هلائي ۽ جن کي اوهان سيني جنگي "ٻيورن" مان اوهان کي قانون ڏيڻ لاءِ منتخب ڪيو. اوهان جي ٻولي، جنهن کي اسان جا حڪيم بلڪل چگيءَ طرح سمجهندا آهن، هينئر ڌنڌ جي تري وٽ آئيندہ ٻڌڻ ۾ ڪانہ ايندي. اوهين آئيندہ پنهنجن ظالم دشمنن، لڏڻن، سان وڙهي ۽ نہ سگهندا. نہ، نہ اي "ٻور" قوم وارو ا پر اوهان جي ڪلن سان هٿيار خريد ڪيا ويندا، اسين اوهان جو دونهائيل گوشت پنهنجن ٻارڙن ڏانهن ڪٽي ويندا سون، اسين اوهان جي هڏن کي، جي اهڙا سخت آهن، ڪتن کي کائڻ کونہ ڏيندا سون."

آمريڪي ڳاڙها هندستاني هرڻ ۽ ان جي نسل وارن ۾ سيني جانورن کي، ساڳئي سبب ڪري، اهڙي ئي احتياط سان عزت ڏيندا هئا. آنهن جا هڏا ڪتن کي نہ ڏيڻا هئا، نہ وري انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي باهم ۾ اچلائڻو هوءَ ته سندن چربيءَ جو هڪ به قطرو باهم تي ڪيرائڻو هو. ڇو ته انهن ماڻهن جو اعتقاد هو ته مئل جانورن جا روح اهو سڀ ڪجهه اڪثين پسندا هئا، جو سندن جسمن سان سلوڪ ڪيو ويندو هو ۽ پين، جيئرن خواهه مئل، جانورن کي ان کان آگاه ڪندا هئا. چنانچ، جيڪڏهن سندن جسمن سان برو سلوڪ ڪيو ويندو هو، ته انهيءَ نسل ۽ ذات وارا جانور پاڻ کي هن دنيا خواهه ايندڙ دنيا ۾، قاسڙ نه ڏيندا. پيرا گي جي چڪائيت قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين ۾، بيمار ماڻهوءَ کان سندن طبيب هيءَ ڳالهه دريافت ڪندو هو، ته هن ڪڏهن هرڻ يا ڪُميءَ جو گوشت ڪڏو ته ڪونه کيو هو، ۽ جيڪڏهن اهو مريض ها ڪندو هو ته حڪيم هڪدم کيس چوندو هو ته "اهائي ڳالهه ته توکي ماري رهي آهي. هرڻ يا ڪميءَ جو روح تنهنجيءَ کيل برائيءَ جي بدلي ونڻ لاءِ تنهنجي جسم اندر اچي داخل ٿيو آهي." ڪٿناڙا جا ڳاڙها هندستاني جهنگلي ڪڻڻءَ جي بچ داني شڪار جي موسم جي اختتام تائين ڪونه ڪائيندا هئا، چو ته ٻيءَ صورت ۾ مائر ڪڻڻ ٿهي ويندين ۽ قاسڙ کان انڪار ڪنديون هيون.

هندستاني ٻيڻن جي مجمعي مان، ٽيمور-لات ٻيڻن ۾، جن ڪمين کي ڪنهن ماهيگير قاسايو هوندو آهي، تن سيني جي ڪوپرين کي هو پنهنجي گهر هيٺان لٽڪائي ڇڏيندو آهي. ٻئي شڪار ٿيڻ رواني ٽيڻ کان اڳ، هو اڳئين شڪار ۾ آخرين ماريل ڪُميءَ جي ڪوپريءَ سان مخاطب ٿيندو آهي ۽ سندس جاڙين جي درميان هڪ سوپاري اٽڪائي، مئل جانور جي روح کان دعا گهرندو آهي ته هو مهرباني ڪري پنهنجن مائٽن منڻ کي راضي ڪري سندس چار ۾ قاسڙ لاءِ آماده ڪري. مرڪزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيليس جي پوسو پيٽن ۾، شڪاري آنهن هڙڻ ۽ جهنگلي سوئرن جي جاڙين جا هڏا، جن کي انهن ماريو هوندو آهي، پاڻ وٽ رکندا آهن ۽ انهن کي باهم جي قريب گهرن ۾ لٽڪائي ڇڏيندا آهن. پوءِ اهي جاڙين جي هڏن کي چوندا آهن ته "اوهين پنهنجن رفيقن کي وڏي آواز سان سڏ ڪريو، ٿ جيئن اوهان جا ڏاڏا، پائٽيا يا پار هليا نه وڃن." سندن خيال آهي ٿ سئل هڙڻ ۽ سوئرن جا ارواح پنهنجن جاڙين جي هڏن وٽ ترسي پوندا آهن ۽ جيئن هڙڻ ۽ سوئرن جي روحن کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪندا آهن، جي اهڙيءَ طرح شڪاريءَ جي جار جي پيچن ۾ قاسي پوندا آهن. اهڙيءَ طرح، هڪ حرفتي وحشي جيئن جانورن کي لالچائي سندن سوت ڏانهن چڪي آڻڻ لاءِ، سئل جانورن کي جار طور استعمال ڪري ٿو.

گران چاڪو ۾ آباد لينگوئا قبيلي جا ڳاڙها هندستاني شتر مرغ جي شڪار جا شوقين آهن، پر انهن مان ڪنهن هڪ پکيءَ کي مارڻ ۽ سندس لاش کي گهوٽ ڏانهن آڻڻ کان اڳ، اهي سندس اعتراض ڪندڙ روح کي چالاڪيءَ سان شهم ڏيڻ لاءِ ڪجهم ضروري قدم کڻندا آهن. هو سمجهندا آهن ته جڏهن سوت جو پهريون ڏڪو گذري ويندو آهي، تڏهن شتر مرغ جو روح همت ڪري، پنهنجي جسم طرف دوڙندو آهي. انهيءَ عقلمنديءَ واريءَ دور انديشيءَ تي عمل ڪندي، ڳاڙها هندستاني وات ويندي، شتر مرغ جي چاتيءَ جا ڪنيڊ پٽيندا، رستي تي اچلائيندا ويندا آهن. ڪنين جي هڪ ڏير وٽ، پکيءَ جو روح بيهي سوچيندو آهي ته "چا، هوئي منهنجو سچو جسم آهي يا ان جو فقط ڪجهم حصو آهي؟" اهو شڪ ڪيس آخر ترسڻ لاءِ آماده ڪندو آهي ۽ آخرڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سيني ديرن تي ٻيهي سوچڻ بعد، هو فيصلو ڪندو آهي، جيسين اهو ڏنگي ڏڏي رستي تي ڏڪ ڏوڙ ڪري، وڏيڪ قيمتي وقت ضايع ڪندو آهي، تيسين شڪاري صحيح سلامت پنهنجن گهرن پيڙا وڃي ٽيندا آهن ۽ غصي ۽ پڙڪيل روح گوٽ جي آسپاس بيڪار چڪر هڻندو، ڦرندو رهندو آهي، جنهن ۾ داخل ٿيڻ کان اهو سخت ڊڄندو آهي.

بيرنگ اسٽريٽس جي آس پاس رهندڙ ايسڪيمو نسل جا ماڻهو سمجهندا آهن ته سمنڊ جي مڇ جانورن، جهڙوڪ سيل، والرس ۽ وڏن مڇن جا ارواح سندن پتي جي ٽيلهين سان ڇهڻيل رهندا آهن ۽ انهن ٽيلهين کي واپس سمنڊ ۾ اڇلائڻ سان، اهي سندن روحن کي تازن جسمن اندر داخل ٿي واپس اچڻ ۽ شڪار جي انهن جانورن جي تعداد ۾ اضافي آڻڻ ۾ مدد ڪندا آهن، جن کي شڪاري پنيان پيئي، مارينڊا آهن. انهيءَ اعتقاد تي عمل ڪندي، هر هڪ شڪاري انهن سيني سامونڊي جانورن جي پيتن جون ٽيلهيون احتياط سان ڪڍي، حفاظت سان رکندو آهي، ۽ موسم سرما ۾ سال ۾ هڪ دفعو هڪ وڏيءَ تقريب تي، انهن ٽيلهين کي، جن ۾ انهن سيني جانورن جا ارواح موجود سمجهيا ويندا آهن، جن کي سڄي سال جي دوران ۾ ماريو ويو هوندو آهي، عام اجتماع واري ڪمري ۾ ناچن ۽ ڪاڏي پيتي جي نذرانن سان اعزاز ڏنو ويندو آهي، جنهن ڪان پوءِ انهن کي برف ڏانهن نيون ويندو آهي، جتي برف جي ٽڪل چون جي وچ وارن چيرن مان کين پاڻيءَ اندر اڇلايو ويندو آهي، چوته ساده لوح ايسڪيمو سمجهندا آهن ته جانورن جا آهي ارواح، کين حاصل ٿيل سڳيءَ هلت تي خوشيءَ ۾ اڇي، ان کان پوءِ وري 'سيل' يا 'والرس' ۽ 'ويل' جانورن جي صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جنھن وڏي سوڏي ايندا ۽ انھيءَ صورت ۾ گروھن جا گروھ ٿاھي پاڻ کي پالن سان مارائيندا، ڇارن ۾ قاسڻ يا ٻئي ڪنھن طريقي سان، جنھن سان شڪاري کين مارڻ چاھين، مرڻ لاءِ اڇي حاضر ٿيندا.

ساڳين سببن ڪري، ھڪ اھڙو قبيلو، جنھن جي گذران جو دارومدار، ڪلي يا جزوي طور، ڇيءَ تي رھي ٿو، ڇڻن کي ھر طرح عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏسن ۽ سائن خوشگوار سلوڪ روا رکڻ لاءِ خبردار رھي ٿو. پيرو ملڪ جا ڳاڙھا ھندستاني "اھڙين ڇڻن جي پوڄا ڪندا ھئا، جن کي اھي تمام جھجي تعداد ۾ ڦاسائيندا ھئا، ڇاڪاڻ ته اھي چوندا ھئا ته پھرين ڇيءَ، جنھن کي عالم بالا ۾ (ڇاڪاڻ ته اھي آسمان کي انھيءَ تالي سان سڏيندا ھئا) ٻڌايو ويو، تنھن انھيءَ نسل جي ٻن سيني ڇڻن کي جنم ڏنو ۽ سندن قوم کي وڌائڻ لاءِ، ڏانھن تمام گھڻن ڇڻن موڪلڻ جو اھتمام ڪيو. انھيءَ سبب ڪري اھي ھڪ اھڙي علائقي ۾ (۱) "ساردائين" (Sardine) ڇيءَ جي پوڄا ڪندا ھئا، جتي اھا ڇي ٻن سيني قسمن جي ڇڻن کان زياده ماري ويندي ھئي، ٻئي ھنڌ وري (۲) "اسڪيٽ" (Skate) ڇيءَ کي پوڄيندا ھئا، ڪن ٻن ھنڌن تي (۳) "ڊاگ - فش"

(۱) ڏيري جي ھمشڪل. ھڪ ڇيءَ جا جوان ٻچا، جي پونوڇ سمنڊ ۽ پسڪي جي آپسمنڊ ۾ جام ٿيندا آھن.

(۲) ھڪ وڏي ڪاڦ ڇي، جا ذري گھٽ چوڪنڊي، ڊگھي ۽ سنھي ڇڇ واري ھوندي آھي.

(۳) شارڪ ڇيءَ جو ھڪ ننڍو قسم، جنھن کي اھو نالو سندس ھن عادت سبب ڏنو ويو آھي، جو اھا ڪتن وانگر ٽولين جي صورت ۾ شڪار ڪندي ڦرندي آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Dog-fish) مڇيءَ کي ۽ اڃا به ڪن ٻين علائقن ۾ "سونهري مڇيءَ" کي سندس خوبصورتيءَ سبب پوڄيو ويندو هو. ڪن هنڌن تي ٻوري (۱) "ڪرو - فش" (Crow-fish) مڇيءَ جي پوڄا جو رواج هو. ٻين علائقن ۾ زياده وڌن ديوتائن جي عدم موجودگيءَ ۾، ۽ جتي ٻيون مڇيون موجود نه هيون يا وري جتي ڪين اهڙين وڌين مڇين کي قاسائڻ ۽ مارڻ جي جاءِ نه هئي، اتي رواجي ڪيڪڙن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ٿوري ڪٽي ڇڏجي ته انهن جا ديوتائون اهي ئي مڇيون هونديون هيون، جي انهن لاءِ سڀ کان زياده مفيد ۽ ڪارآمد هيون." برٽش ڪولمبيا جي "ڪواڪيوتل" قبيلي جا ڪاڙها هندستاني سمجهندا آهن ته جڏهن (۲) "سالمن" مڇيءَ کي ماريو ويندو آهي، تڏهن سندس روح "سالمن" مڇين جي ملڪ ڏانهن واپس هليو ويندو آهي. ان ڪري اهي خبرداريءَ ڪان ڪم وٺي، انهيءَ مڇيءَ جا هڏا ۽ آندا گونڊا سمنڊ ۾ اڇلائيندا آهن، ته جيئن نئين جنم وٺڻ وقت، "سالمن" مڇيءَ جو روح انهن کي وري ۽ گوشت و پوست جو نئون جامون پهرائي. پر، جيڪڏهن انهن ڪنهن "سالمن" جا هڏا ساڙي ڇڏيا، ته سندس روح غائب ٿي ويندو ۽ انهيءَ "سالمن" لاءِ ٻوئن منجهان ٻوباره زنده ٿي اچڻ بلڪل ناممڪن ٿي پوندو. ساڳئي طريقي سان ڪٿاڊا جي اوتاوا قبيلي

---

(۱) هڪ وڏو گانگٽ، جو ڪاري ۽ مٿي، ٻنهي پاڻين ۾ رهندو آهي ۽ ڪائڻ لائق هوندو آهي.

(۲) گلابي رنگ جي، سخت گوشت واريءَ مڇيءَ جي نسل مان هڪ شاخ، جا اتر اڀلانٽڪ وڏي سمنڊ ۽ شمال قطبي علائقن جي ڪنارن وٽ جام ٿي ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا ڳاڙهو هندستاني هن اعتقاد سبب، ته مئل ماڻهن جا ارواح ماڻهن جي بين جسمن اندر داخل ٿيندا آهن، ماڻهن جي هڏڻ کي هن ڊپ کان ته نه ساڙيندا هئا، ته متان سندن ارواح ناراض ٿين ۽ انهن جي وچايل چارن ۾ وري ڪڏهن به داخل نه ٿين. هوران قبيلي وارا به انهيءَ ئي انديشي کان ماڻهن جي هڏڻ کي باهه ۾ اڇلائڻ کان احتراز ڪندا هئا، ته متان ماڻهن جا ارواح بين ماڻهن کي چٽاءُ ڏين ته اهي پاڻ کي چارن ۾ نه قاسائين، جو ته هوران قبيلي وارا سندن هڏا ساڙيندا. ان کان علاوه، وڻن کي اڇڙا ماڻهو هوندا هئا، جي ماڻهن اڳيان وعظ ڪندا ۽ کين قاسڻ لاءِ آماده ڪندا هئا. هڪ هوشيار واعظ جو وڏو قدر هوندو هو، جو ته اهي سمجهندا هئا ته ماڻهن کي چارن ڏانهن ڪشش ڪرڻ لاءِ هڪ چالاڪ ماڻهوءَ جي تلقين ۽ سٽن کي وڏو اثر هو. هوران قبيلي وارن جي ماهيگيرن جي ڳوٺ ۾، جتي هڪ فرينچ مبلغ، سڳارڻ ترسيو هو، ماڻهن جو خطيب پنهنجيءَ فصاحت تي، جنهن جي بولي نمائشي ۽ خوبصورت هئي، ڏاڍو فخر ڪندو هو. هر شام جو مانيءَ کان پوءِ، جڏهن هو ڏسندو هو ته سيئي ماڻهو سمهي پيا هئا ۽ هر طرف خاموشي طاري ٿيل هئي، تڏهن هو ماڻهن کي خطاب ڪندو هو. سندس تقرير جو متن اهو هوندو هو ته هوران قبيلي وارا ماڻهن جا هڏا ڪونه ساڙيندا هئا. پوءِ هو ڪمال چرب زباني‌ءَ سان انهيءَ موضوع کي وسيع ڪندي، ماڻهن کي وڻن اڇڻ، قاسڻ، همت ڪرڻ ۽ ڪنهن به شيءِ کان نه ڊڄڻ لاءِ تلقين ڪندو هو، لالچائيندو هو، دعوت ڏيندو هو ۽ منٽون ڪندو هو، جو ته اهي اها سڄي تڪليف پنهنجن دوستن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ولي رهيا هئا، جي سندن عزت ڪندا هئا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندن هڏا باهم ۾ نہ ساڙيندا هئا." ڊيوڪ آف يارڪ پيٽ جا قديم رهاڪو انهن ٻڪين جي دوستن ۽ همراهن کي، جن کي انهن سال جي دوران ۾ پڪڙيو ۽ کاڌو هو، سندن موت جي معاوضي ڏيڻ لاءِ، سال بسال هڪ ننڍيءَ ٻيڙيءَ کي گلن ۽ پنن سان سينگاري، ڪوڏين ۽ سپين وغيره جي دولت سان ڀري، (ڪم از ڪم ائين سمجهيو ويندو هو ته اهي انهيءَ ٻيڙيءَ کي اهڙيءَ دولت سان ڀري رهيا هئا)، سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيندا هئا. پين ٻڪين کي راضي ڪرڻ لاءِ پهرين قاسايل ٻڪين سان مهرباني جي سلوڪ ڪرڻ جي خاص ضرورت سمجهي ويندي هئي، جن کي ڏنل اعزاز ۽ جن سان اختيار ڪيل روش بعد واري ٻڪين جي زوبي تي اثر انداز ٿيندڙ سمجهيو ويندو هو. چنانچ، ماڻوري قبيلي وارا پهرين قاسايل ٻڪين کي هن دعا سان گڏ هميشه پاڻيءَ ۾ واپس اڇلائيندا هئا ته "اهي پين ٻڪين کي لالچ ڏيڻ قاسڻ لاءِ آماده ڪن."

انهن حالتن ۾ ته اڃا به زياده سخت حفاظتي قدم کنيا ويندا هئا، جڏهن اهي ٻڪيون موسم جو پهريون شڪار هونديون هيون، جن درياهن ۾ سالمن ٻڪيون مرنديون آهن، اتي جڏهن موسم بهار ۾ سالمن ٻڪيون درياهن ۾ اوپارو چڙهڻ شروع ڪنديون آهن، تڏهن اهڙن قبيلن طرفان، جن جي خوراڪ جو دارومدار اتر آمريڪا جي پئسفڪ مهاساگر واري ڪناري تي آباد هندستاني قبيلن وانگر خاص طور ٻڪيءَ تي هوندو آهي، انهن جو استقبال ڏاڍي احترام سان ڪيو ويندو آهي. برٽش ڪولمبيا ۾ جيڪي هندستاني قبائل آباد هئا، سي هر سال ٻڪين جي اوپاري چڙهڻ وقت انهن جي استقبال ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. "اهي سندن ٻڌيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساريل شڪار ڪي ، ڪن حالتن ۾ پنهنجين جهوپڙين اندر دروازي مان هلندا ۽ ڪين هيئن خطاب ڪندا هئا :- "اي مڇيون، اي مڇيون، اوهين سڀئي سردار آهيو، برابر آهيو، اوهين سڀ سردار آهيو." آلاسڪا جي ٽلنگيٽ قبيلي وارن وٽ موسم جي پهرين قاسايل * "هئليبٽ" (Halibut) مڇيءَ کي ڏاڍي احتياط سان ڪنيون ويندو آهي ، ڪيس سردار جي لقب سان خطاب ڪيو ويندو آهي ۽ سندس اعزاز ۾ هڪ محفل منعقد ڪئي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ ماهي گيريءَ جو ڪم جاري رکيو ويندو آهي. موسم بهار ۾ جڏهن گرم هوائون ڏکڻ کان گهلڻ شروع ٿيندڙيون آهن ۽ ڪلمات درياهه ۾ سالمن مڇيون اوپاريون هلڻ شروع ٿيندڙيون آهن ، تڏهن ڪئليفورنيا جي ڪٿروڪ قبيلي ، وارا سالمن مڇيءَ کي بهڇهي تعداد ۾ پڪڙڻ جي خاطر ڪرڻ لاءِ انهن جي اعزاز ۾ ناچ ڪندا آهن. هندستانين مان هڪ چئو، جنهن کي "ڪيرياڪ" يا "خدا - ماڻهو" چوندا آهن ، جبلن ۾ گوشه نشيني اختيار ڪندو آهي ۽ ڏهن ڏينهن لاءِ روزا رکندو آهي. سندس واپسيءَ تي ماڻهو فرار ٿي ويندا آهن ۽ هو سڏو درياهه تي ويندو آهي ، جتي هو قاسايل مڇين جي ڊير مان پهريائين قاسايل سالمن ڪڍي ، ان مان ٻورو گهڙو ڪائيندو آهي ۽ باقي جسي مان پاڪ ٻاهه ٻاريندو آهي. "ڪوپر هندستاني انهيءَ ناچ جي جتر ٻين کان اڳ يا ان کان ڏاڍ ڏينهن پوءِ سالمن مڇي ڪونه کائيندو، حالانڪه سندس خاندان جا ماڻهو بک وگهي ٻاهر ٿي رهيا هوندا." ڪٿروڪ قبيلي وارن جو هيءُ به اعتقاد هوندو آهي ته جيڪڏهن ڪوبه مهاڻو پنهنجن نيزن جا دستا اهڙن ليڪڙن مان ٺاهيندو، جن کي انهيءَ درياه

* ٽاڻ مڇين مان وڏي ۾ وڏي کائڻ لائق مڇي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنارن تان جمع ڪيو هوندو، جتي سالمن مڇيون ڪيس جاچي رهيون هونديون، تہ ان جي چار پ هڪ ٻ سالمن مڇي ڪاڻ ايندي. اٿهن لکڻ کي جبلن جي بلند ترين چوٽيءَ تان آڻڻو هوندو آهي. اهو مهاڻو ٻ پنهنجي سڄيءَ محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏيندو، جو اڳئين سال وارن لکڻن کي ايندڙ سال ٻ استعمال ڪندو." چوتہ اڳوڻين سالمن مڇين ننڍڙن سالمن کي انهن جي متعلق سڀ ڪجهہ سڀائي، ڪين خبردار ڪري ڇڏيو هوندو." ائٽو قوم وارن جي هڪ دلپسند مڇي آهي، جا سندن درياهن پ مئي يا جون مهيني پ اچي نڪرندي آهي. انهيءَ مڇيءَ جي شڪار جي تياري، اهي رسمي پاڪائيءَ جي قاعدن جي تعميل ڪرڻ سان ڪندا آهن ۽ جڏهن مرد مڇيءَ مارڻ لاءِ ويندا آهن، تڏهن سندن زالون انهن جي پٺيان تمام سخت خاموشي اختيار ڪنديون آهن، نہ تہ مڇيون ڪين ٻڌي ونديون ۽ غائب ٿي ويندیون. جڏهن موسم جي پهرين مڇي قاسائي ويندي آهي، تڏهن ان کي گهر اندر دروازي مان نہ، پر جهوپڙيءَ جي پرينءَ ديوار پ ڪنهل هڪ سوراخ مان داخل ڪيو ويندو آهي، جو تہ جيئڏهن ڪيس دروازي وڃان داخل ڪيو ويندو، "تہ ٻيون مڇيون يقيناً ڪيس ڏسنديون ۽ گم ٿي ويندیون." هن گالهہ مان ٻين وحشين جي هن رسم جي جزوي سمجهاڻي ملي ٿي، جنهن موجب اهي ماريل شڪار کي، ڪن حالتن پ پنهنجن جهوپڙين اندر دروازي وڃان نہ، پر دريءَ، دودڪش يا جهوپڙيءَ جي ٻئين پاسي ڪان نڪتل هڪ خاص سوراخ ذريعي داخل ڪندا آهن.

ڪن وحشين وٽ شڪار پ ماريل ۽ عام طور ڪائو وارن جانورن جي هڏن کي محفوظ رکڻ جو هڪ خاص سبب سندن هي اعتقاد آهي تہ ڪجهہ وقت گذرڻ بعد اهي وري گوشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوست جو جامو پهري، زنده ٿي حيواني صورت ۾ واپس ايندا. چنانچ، ظاهر آهي ته جانورن جي هڏن کي باقاعده طور هڪ ٻئي سان ڳنڍيل حالت ۾ محفوظ رکڻ هڪ شڪاريءَ جي فائدي جي ڳالهه آهي، ڇو ته انهن کي ناس ڪرڻ جي معنيٰ شڪاري جانورن جي تعداد ۾ ڪميءَ آڻڻ جي مترادف ٿيندو. مائينٽاري قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين ۾ ڳهڻ جو هيءَ عقيدو آهي ته "جن جهنگلي مينهن کي انهن ماريو ۽ سندن گوشت کوري لاٿو آهي، سي وري ايندڙ سال جي جون مهيني ۾ تازي گوشت سان ڏکجي، نئين زندگيءَ سان متحرڪ ٿي ۽ چريءَ سان ٽلهيون ماريون ٿي، دوباره زنده ٿيندیون آهن ۽ نئين سر مارڻ لاءِ سوزون ٿيندیون آهن." ان ڪري، آمريڪا جي مغربي ساحل وارن ڳاهه جي ميدانن ۾ مينهن جون ڪوپريون گول چڪرن ۽ پين نمونن ۾ دوباره زنده ٿيڻ جي انتظار ۾ ٽهيل رکيل نظر ايندیون آهن. ڊاڪوٽا قبيلي جا ڳاڙها هندستاني ڪتي کي ڪائڻ کان پوءِ، ان جي هڏن کي احتياط سان جمع ڪندا، ڪرڙيندا، ڏوئيندا ۽ دفن ڪندا آهن. "هڪ هن خيال کان، جيئن عام طور چيو ويندو آهي، ته ڪتن جي نسل کي خاطري ڏني وڃي ته منجهانئن هڪ فرد جي گوشت کائڻ ۾، خود انهن جي نسل جي بي حرمتي ڪرڻ جو ارادو ڪونه هو ۽ پيو هن خيال کان ته مئل جانور جا هڏا وري جيئرا ٿي، پيو جانور پيدا ڪندا." جانور جي قرباني ڪرڻ وقت لٿ نسل جا مائٿو انهيءَ جانور جا هڏا، اکيون، ڪن، دل، ڦڦڙ، جنسي عضوا (جيڪڏهن اهو جانور نر هوندو) ۽ سندس هرهڪ عضوي جي گوشت سان هڪ گرهه هميشه پاسي ڪري رکندا آهن. پوءِ، سندس باقي گوشت کائڻ کان پوءِ، اهي سندس هڏن ۽ پين عضون کي اصلي اعضائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب مطابق صندوق ۾ رکي، انهن کي دستوري سائن سان دفن ڪندا آهن، جو تہ سندن اعتقاد آهي تہ جنهن ديوتا جي ناليءَ ۾ اهو جانور قربان ڪيو وڃي هو، سو انهن هڏن کي جمع ڪري يعني مٿن جي عالم زيرين ۾ وري گوشت جو جامو پهرائي، از سرنو جانور جي صورت ۾ زنده ڪري اڀارينڊو. ڪڏهن ڪڏهن وري اهي، جيڪي رچ کي ڪائڻ بعد، جانور جي فقط هڏن کي اهڙيءَ ريت دفن ڪرڻ سان مطمئن ڏيندا نظر آيا آهن. چنانچہ، لئپ نسل وارا، مئل جانورن جي پي عالم ۾ نئين زندگيءَ جي توقع رکندا هئا ۽ ان ڪالهہ ۾ اهي ڪاسنچانگن قبيلي وارن سان مشابهت رکندا هئا، جن جو اعتقاد هو تہ هرهڪ جاندار، ويندي نديءَ کان نديءَ سڪ تائين، مٿان سان دوباره زنده ٿي اڀندو ۽ هيٺين دنيا ۾ رهندو. ٻئي طرف، اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين کي اها اميد هوندي هئي تہ مئل جانور هن دنيا ۾ ئي دوباره جيئرا ٿي اڀندا. قربان ڏيل جانور جي ڪل کي گاهہ سان ڀرڻ يا ڪيس ڪائيءَ جي بوتي مٿان ڇڪي ڇاڙهڻ جي رواج سان، جنهن تي منگولي نسل جون قومون خاص طرح عمل پيرا هونديون هيون، اسان کي پوئين قسم جي نئين زندگيءَ ۾ اعتقاد طرف اشارو ملي ٿو. قربان ڪيل يا ڪاڌل جانورن جي هڏن کي ڀڃڻ خلاف جيڪو اعتراض عام طرح ڪيو ويندو آهي، تنهن جو بنياد جانورن جي نئين زندگيءَ اختيار ڪرڻ جي اعتقاد يا ساڳئي نسل جي ٻين جانورن کي ڏيڇاري ڇڏڻ ۽ ساريل جانورن جي روحن کي اهڙيءَ هلت سبب ناراض ڪرڻ جي انديشي تي زڪيل نظر پيو اچي. ڪٿن کي جانورن جي هڏن چٻاڙڻ کان روڪڻ جي اتر آمريڪا جي ڪاڙهن هندستانين ۾ ايسڪيمو نسل وارن جي رسم، شايد انهن جي هڏن کي ڀڃڻ کان محفوظ ڪرڻ لاءِ فقط هڪ حفاظتي قدم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر انهن سيني ڀالهين جي باوجود، ماريل جانورن جي دوباره زنده ٿيڻ ۾ شايد پنهنجون ڪي دفنون هجن، جنهن ڪري ڪي شڪاري اهڙي امڪان کي روڪڻ ۽ جانور يا سندس پوٽ کي اٿڻ ۽ پڇي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ انهيءَ کيس جکڙي ٻڌي ڇڏيندا آهن. انهيءَ رسم جو اهو مقصد لائوس جا "ڪوئي" شڪاري ٻڌائيندا آهن. اهي سمجهندا آهن ته شڪار جي دوران ۾ اهي جيڪي جنتر منتر پڙهندا آهن، تن جي جادوءَ جو اثر زائل ٿي ويندو ۽ ذبح ٿيل جانور وري جيئرو ٿي، پڇي ويندو. انهيءَ آفت کي روڪڻ لاءِ، اهي جانور کي ذبح ڪرڻ کان هڪدم پوءِ مضبوطيءَ سان ٻڌي جکڙي ڇڏيندا آهن. آلاسڪا جي هڪ ايسڪيمو جڏهن لوميڙ ماريو هوندو آهي، تڏهن اهو جانور جي سيني ٽنگن جون ناڙون هڪدم خبرداريءَ سان ويڍي ڇڏيندو آهي، ته جيئن مئل جانور جو روح سندس جسم اندر داخل ٿي، کيس چرڻ پرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڊڪڻ ڊوڙڻ نه ڏئي. پر پنهنجي شڪار ڪيل جانور جي رت کي ناڪاره بنائڻ خاطر هڪ چالاڪ وحشي سندس ناڙن کي ويڙڻ تائين اڪتفا ڪائي ڪندو آهي. قديم زماني ۾ جڏهن اڃان قوم جو هڪ شڪاري شڪار ٿي ويندو هو ۽ سڀ کان پهريائين لوميڙ ماريندو هو، تڏهن اهو خبرداري ڪري سندس وات کي مضبوطيءَ سان ٻڌي ڇڏيندو هو، ته جيئن انهيءَ لوميڙ جو پوٽ سندس وات رستي باهر نڪري، پين جانورن کي شڪاريءَ جي اچڻ جو اطلاع نه ڏئي. اسوز درياه جي ڪناري ٿي آباد ڪلياڪ قبيلي وارا ماريل سيل مڇيءَ جون اکيون ڪڍي ڇڏيندا آهن، ته متان ماريل جانورن جا ارواح پنهنجن قاتلن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شناخت ڪن ٿا سيل مڇين جي شڪار کي خراب ڪري، ڪائنس پنهنجي موت جو انتقام وٺن.

انهن جانورن کان علاوه، جن کان هڪ وحشي سندن طاقت ۽ دهشت کان ڊڄندو آهي ٿا اهي، جن کي هو متوقع فائدن حاصل ڪرڻ سبب پوڄيندو آهي، کي پيا ٻ اهڙا جاندار آهن، جن کي هو ڪڏهن ڪڏهن پوڄا ۽ قرباني ۽ ذريعي راضي ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. اهي جاندار، اهي جيوڙا آهن، جيڪي سندس فصلن ۽ کي برباد، چوپائي مال کي تنگ ڪن ٿا. انهن موتمار دشمنن کان پاڻ کي نجات ڏيڻ خاطر، هو ڪن وهمي ترڪيبن تي عمل ڪري ٿو، جن سان جيتوڻيڪ ڪن جو مقصد انهن جيوڙن کي ناس ڪرڻ يا ڊيڄارڻ جو آهي، ان هوندي ٻ ڪن پين جو مقصد انهن کي راضي ڪرڻ ۽ زمين ۽ چوپائي مال جي ميون ۽ فرن کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ سڏن سنوائڻ طريقن سان آماده ڪرڻ جو آهي. چنانچ، ايسٽونيا جي نسل وارا ماڻهو، جي اوئيسيل جي پينٽ ۾ آباد اهن، هڪ قسم جي ٽنڊڻي ۽ کان ڊاڍو ڊڄندا آهن، جا اناج لاءِ انتهائي مضر آهي. اهي کيس سهڻو نالو ڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن کو پار ڪنهن ٽنڊڻي ۽ کي مارڻ وارو هوندو آهي، تہ اهي چوندا اٿس، "ائين نہ ڪر، اسين جيئن زياده ان کي ڏکوئيندا سون، تيئن اها اسان کي زياده ڏکوئيندي". جيڪڏهن کين کا اهڙي ٽنڊڻي ملي ويندي آهي، تہ اهي کيس مارڻ بدران دفن ڪندا آهن. کي تہ وري انهي ۽ ٽنڊڻي ۽ کي ٻني ۽ ۾ پٿر هيٺان رکي، کيس کارائڻ لاءِ آن آڇيندا آهن. اهي سمجهندا آهن تہ انهي ۽ طرح سان اها راضي رهندي ٿا ڪهت ضرر رسائيندي. ٽرانسلوانيا جي سڪسن نسل وارن ۾، جهرڪين کي اناج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنڪ ڪان روڪڻ لاءِ، هڪ بچ چڻڻ وارو ڪڙمي ٻيجي شروع ڪرڻ وقت اناج جي هڪ سٽ ٻڌيءَ پويان اڇلائي هيئن چوندو آهي، "اهو اوهان لاءِ آهي، جهڙيون". اناج ڪڻي پَڻَ-سڪين جي حملن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ، هو پنهنجون اکيون بند ڪندو آهي ۽ "اولس" جون ڪي ٻڪيون پري مختلف طرفن ڏانهن منتشر ڪندو آهي. پَڻَ-سڪين کي اهڙي قرباني پيش ڪرڻ کان پوءِ، هو مطمئن رهندو آهي ته اهي اناج کي چڏي ڏيندين. فصلن کي سيني جانورن، پکين ۽ جيتن کان بچائڻ جو ٽرانسلوانيا وارن وٽ هيءُ طريقو آهي: ٻيجي ختم ڪرڻ کان پوءِ، ٻيجارو هڪ دفعو ٻيهر سڄيءَ دنيا جون، هڪ ڪنڊ کان، ٻيءَ تائين، چڪر هڻندو ۽ خالي هٿ سان بچ چڻڻ جو اشارو ڪندو آهي. جڏهين اهو ائين ڪندو ويندو آهي، تڏهين زبان سان هيئن چوندو رهندو آهي، "آءٌ هيءُ بچ جانورن لاءِ چڏيان ٿو، آءٌ "ابي ديوتا" وغيره جي نالي ۾ هر شيءِ لاءِ، جيڪا اڏامي ۽ رڙهي ٿي، جيڪا گهمي ۽ بيهي ٿي، جيڪا گهائي ۽ ٽپي ٿي، اهو بچ ٿو چڏيان." باغ کي پوپڻ ۽ سوهڻ وغيره کان بچائڻ لاءِ جرمنيءَ وارن جو هيئون طريقو آهي: سڄ لهڻ کان پوءِ يا اڌ رات جو گهر ڏياڻي يا ڪٽنب جي ڪا بي عورت، پنهنجي پٽيان ٻوهارو گهليندي، باغ جي چوڌاري چڪر هڻندي آهي. ڪيس پنهنجي پٽيءَ طرف نهارڻو ڪونہ هوندو آهي ۽ ساڻ ئي هيئن ٻڙ ٻڙ ڪندي ويندي آهي: "شام بخير، اي امان سوهٻ، تون پنهنجي مڙس سان گڏ ديول ايندينءَ." باغ جي صدر دروازو ٻئي ڏينهن صبح تائين ائين ئي کليل چڏيو ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن وري جيتن جي باري ۾ ڪڙمي هڪ طرف انتهائي سختيءَ ۽ ٻئي طرف ڪمزوريءَ واريءَ نرميءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درميان وچين رستي اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي، رحم دليءَ
پر پختي ارادي سان، هو سختيءَ کي نرميءَ سان ملائڻ جي
ڪوشش ڪندو آهي. زراعت جي موضوع تي لکيل هڪ قديم
يوناني تحرير اهڙي هاريءَ کي، جيڪو پنهنجي پنيءَ کي ڪوئن
کان محفوظ رکڻ جو خواهشمند هجي، هيءَ مشورو ڏئي ٿي :
"ڪاغذ جي هڪ چادر ڪٽو ۽ اُن تي هيٺين نموني لکو : آءٌ
اوهان کي استدعا ٿو ڪريان، اي حاضرين ڪٿو، تہ نہ اوهين
مون کي نقصان رسايو ۽ نہ پئي ڪنهن ڪٿي کي ائين ڪرڻ
ڇڏيو. آءٌ اوهان کي پرين پني (هيتي انهيءَ پنيءَ جو ڪولي ٻيان
ڪريو) ڏيان ٿو، پر جيڪڏهن ڪنهن ٻ وقت مون اوهان کي
وري هت پکڙيو ٿ "ديوتائن جي ماءُ" جو قسم، آءٌ اوهان
کي ستن ڪرن ۾ چيريندس." اهو لکو ۽ اهو ڪاغذ پنيءَ ۾
پيل ڪنهن اڻ چيريل پٿر تي صبح جو سج اُپرڻ کان اڳ وڃي
هٽو، پر ائين ڪندي، ڪاغذ جي لکيل پاسي کي ڪنهن طرف
رکڻ کان خبرداري ڪجو. آرڊينس ۾ چوندا آهن تہ ڪوئن
کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اهو منتر وري وري پڙهندا رهو.
ٻوءِ. اهي ساڳيا الفاظ ڪاغذ جي ٽڪرن تي لکو، انهن کي
ويڙهيو ۽ منجهائن هڪ پرزي کي. انهيءَ دروازي هيٺان رکو،
جنهن مان ڪٽا باهر وڃڻا هجن ۽ ٻيو انهيءَ رستي کي رکو،
جيڪو انهن کي اختيار ڪرڻو هجي. انهيءَ مقدس جنتر کي سج
اُپرڻ کان اڳ ئي ادا ڪرڻ گهرجي. ڪجهہ سال اڳ هڪ
آمريڪي هاريءَ جي ڳالهہ ٻڌائي ويئي. تہ هن ڪوئن جي نالي
هڪ نيازمندانہ خط لکيو هو، جنهن ۾ هن کين مطلع ڪيو هو تہ
سندس فصل ٿورا هٽل، تہ کين سڃي سياري ۾ پالڻ جي منجهس همت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کانءِ هئي، تہ انهن سان ماڻهن تمام رحمدليءَ وارو سلوڪ ڪيو هو ۽ خود سندن ئي ڇڳائيءَ خاطر هن جو خيال هو تہ انهن جو ڪيس چڏي، سندس همساين منجهان ڪنهن اهڙي وٽ وڃڻ بهتر هو، جنهن وٽ زياده آن موجود هو. انهيءَ دستاويز ڪي هن ڪوئن جي پڙهڻ لاءِ پنهنجي ديري جي هڪ ٽنبي تي هٽي چڏيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن وري ڪنهن قابل نفرت نسل جي هڪ يا ٻن چونڊ افرادڪي اعليٰ درجي جي احترام ڏيڻ ۽ باقي ٻين سيني جي پٽيان ڏاڍيءَ سختيءَ سان ڪاهي پوڻ سان دلي مقصد حاصل ٿيندو سمجهيو ويندو آهي. ايسٽ انڊيز ٻيٽن ۾ بالييءَ نالي هڪ ٻيٽ ۾ جيڪي ڪوئا چانورن جي پوک وارين ٻنين ۾ تباهي مچائيندا ڦرندا رهندا آهن، تن ڪي تمام گهٽي تعداد ۾ پڪڙي، اهڙيءَ ريت ساڙيو ويندو آهي، جهڙيءَ طرح ماڻهن جا لاش ساڙيا ويندا آهن. پر قاتل ڪوئن سان ٻن ڪي رهڻ ڏنو ويندو آهي ۽ ڪين اڇي سنهي ڪپڙي جو هڪ ننڍڙو پٽڪيٽ ڏنو ويندو آهي. پوءِ ماڻهو انهن جي آڏو ائين جهڪندا آهن، جيئن اهي ديوتائن اڳيان نمسڪار ڪندا آهن ۽ ڪين پڄي وڃڻ لاءِ چڏي ڏيندا آهن. جڏهن سامونڊي "ڊياڪ"، يا سڙاواڪ جي "ابان" قبيلي وارن جي ٻنين ڪي جهنگلي پرندا ۽ جيت تمام گهٽو نقصان رسائيندا آهن، تڏهن اهي جاندارن جي هر هڪ نسل وارن (هڪ جهرڪي، هڪ گاهم تي ٽپ ڏيندڙ ڪڙ، وغيره) مان هڪ نمونو ڦاسائي انهن سيني ڪي وڻ جي ٻاهرين مضبوط چوڏي مان ٿهيل ننڍڙيءَ ٻيڑيءَ ۾ وجهي، جنهن ڪي ڪاڏي پيتي جي سامان جي ڪافي مقدار سان ڏڻي پريو ويندو هو، ۽ انهيءَ ٻيڑيءَ ڪي ڪراهت پيدا ڪندڙ انهن مسافرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميت درياه جي لهنواري پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن انهيءَ طريقي سان جيتن ۽ جاندارن وغيره جي تعداد ۾ ڪمي ڪانہ ايندي آهي ۽ ستيون ڏوٽو ناڪامياب ٿيندو آهي، تہ ڏياڪ قبيلي وارا ساڳئي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪندا آهن، جنهن کي اهي پين سڀني نمونن کان زياده اثرائتو سمجهندا آهن. اهي سڀيءَ مان واڳونءَ جو هڪ مجسمو ٺاهيندا آهن، جو سڄي ڇڄي واڳونءَ جيڏو هوندو آهي ۽ ڪيس پنين ۾ رکندا آهن، جتي اهي ڪيس کاڌو پيتو، جانورن جو شراب ۽ ڪپڙا ۽ سندس حضور ۾ هڪ پکي ۽ هڪ سوئر قربان ڪندا آهن انهن سڀني خوشامدن سبب نرم ٿي، اهو خونخوار حيوان جلد ئي انهن جاندارن کي کائي کپائي ڇڏيندو آهي، جيڪي فصلن کي کائي ڇت ڪري ڇڏيندا آهن. آلبانيا ۾ جيڪڏهن-پنين يا انگور جي ولين کي ماڪڙ يا ٽنڊڻيون تباهہ ڪنديون آهن، تہ اتان جون عورتون ڪليل وارن سان هڪ هنڌ جمع ٿيندیون آهن ۽ انهن جاندارن منجهان کي ڳاسائي، انهن کي ڇڻ تہ جنازي جي جلوس وانگر جشمي يا نهر ڏانهن ڪڍي ويندیون آهن، جنهن ۾ انهن جاندارن کي پوڙيندیون آهن. پوءِ عورتن مان هڪ ڇڻي آلاپيندي آهي، "اي ماڪڙيون ۽ ٽنڊڻيون، جي اسان کي غمزده ڪري ڇڏي ويئون آهيو" ۽ سڀئي عورتون گڏجي ڪيس سر وڌائيندیون آهن. اهڙيءَ طرح ٿورين ماڪڙين ۽ ٽنڊڻين جي سائن سوٽن کي ادا ڪرڻ سان اهي سڀني ماڪڙين ۽ ٽنڊڻين جي موت آڻڻ جي اميد رکندیون آهن. جڏهن شام ملڪ ۾ ٽنڊڻين پنين يا انگور جي ولين تي حملو ڪيو، تڏهن اتان جي سڀني ڪنوارين چوڪرين کي ڪنو ڪيو ويو ۽ ٽنڊڻين مان هڪ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کٹي، هڪ ڪنواريءَ چوڪريءَ کي سندس ماءُ ٻڌايو ويو. ان کان پوءِ، انهن چوڪرين ڏنڊڻيءَ لاءِ روڄ راڙو شروع ڪيو ۽ ڪيس دفن ڪيو. وري پوءِ، اهي "ماءُ" کي انهيءَ جاءِ ڏانهن کٹي ويا، جتي ٻيون ڏنڊيون موجود هيون، رستي ۾ اهي ڪيس هن لاءِ آڻڻون ڏيندا هليا، تہ جيئن سڀ ڏنڊيون باغ چڙي وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏنڌاهون

حيواني تبرڪن جا نمونا

۱- **تبرڪ جا مصري ۽ اڻو نمونا :** هينئر شايد اسين اڻو ۽ گلياڪ قبيلن جي رڄ طرف اختيار ڪيل منجهيل روش کي سمجهڻ جي حالت ۾ آهيون. هيءَ ڳالهه ڏيکاري ويئي آهي ته انسان ذات ۽ هيٺين حيوانن جي درميان حد بنديءَ جي جهڙي گهري ليڪ اسين ڪيدون ٿا، سا هڪ وحشيءَ لاءِ ناپيد آهي. سندس نظرن ۾ پين جانورن مان اڪثر سندس همسر يا اڇا ٿا، نه فقط حيواني قوت، پر خود دماغي صلاحيت ۾ به، ڪائنس اعليٰ درجي وارا آهن، ۽ جيڪڏهن سندس مرضي يا ضرورت کيس انهن جي جان وٺڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي، ته هو پنهنجيءَ شخصي سلامتيءَ خاطر، انهيءَ ڪم کي اهڙيءَ نموني سر انجام ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پڌل محسوس ڪري ٿو جو، نه فقط جيئري جانور، پر سندس آزاد ٽيل روح ۽ ساڳئي نسل جي پين سيني جانورن کي پڻ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي بيحرمتيءَ وارو نمونو نظر اچي، ڇو ته اهي پنهنجي نسل جي هڪ فرد جي بيعزتيءَ جو اهڙو ئي بدلو وٺندا، جهڙو هڪ قبائليءَ جي بيعزتيءَ يا کيس رسايل ضرر جو سندس قبيلي وارا هوند انتقام وٺن. اسان ڏٺو آهي ته انهن مختلف ترڪيبن، مان هڪ، جي هڪ وحشي پنهنجي شڪار ڪيل جانورن کي رسايل نقصان جي تلافي ڪرڻ لاءِ اختيار ڪري ٿو، سا انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسل جي ڪن خاص چونڊ افراد کي انتهائي تعظيم ۽ تڪريم ڏيڻ آهي، جو تہ اها هلت، ظاهر ٿئي ٿوتہ، ڪين انهيءَ نسل جي باقي ٻين سڀني فردن کي، جن تي ٻہ سندس هٿ پچندي ٿي سگهندي، بنان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي، مارڻ جو پروانو ڏنل ٿي. اهو اصول اسان کي رڇ سان اختيار ڪيل اڻنو نسل وارن جي روش متعلق، جا پهرينءَ نظر سڀن حيرت ۽ وجهندڙ ۽ متضاد معلوم ٿئي ٿي، شايد اسان کي سمجهاڻي فراهم ڪري ٿي. رڇ جو گوشت ۽ ڪل ڪيس هميشه خوراڪ ۽ لباس مهيا ڪن ٿا، پر جيئن تہ رڇ هڪ عقلمند ۽ طاقتور حيوان آهي، ان ڪري ان جي نسل کي، سندس ايترن سارن ميمبرن جي موت سبب جيڪو عظيم نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو، تنهن لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو اطمينان ڏنو وڃي يا انهيءَ نقصان جي ڪنهن موزون نموني سان تلافي ڪئي وڃي. اهو اطمينان يا اها تلافي ننڍڙن رڇن کي پالڻ، ڪين انهيءَ سڄي عرصي جي دوران ٻہ، جيترو وقت اهي جيئرا هوندا آهن، عزت ڏيڻ ۽ ڪين غير معمولي غم و اندوهہ ۽ محبت جي اظهار سان مارڻ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. ان ڪري، ٻين رڇن جي ڪاوڙ ڏڏي ٿيو پوي ۽ اهي پنهنجي نسل جي افراد کي مارڻ وارن متان حملو ڪري يا ملڪ کي، هميشه لاءِ خير باد چئي، پنهنجي هم نسل وارن جي اهڙي ڪوس تي اعتراض نہ ٿا ڪن، نہ تہ جيڪر سندن اهو قدم اڻنو قوم وارن کي سندن گذران جي هڪ ذريعي کان محروم ڪري وجهي.

چنانچہ، قديم زماني جي جانورن جي پوڄا ۾ قسمن ٻہ وراهيل معلوم ٿئي ٿي، جي ڪن حالتن ٻہ هڪ ٻئي جو ضد آهن. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف، جانورن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي ۽ انهن کي نہ ماريو وڃي ٿو ۽ نہ کاڌو وڃي ٿو. ٻئي طرف، جانورن جي پوڄا ان‌ڪري ڪئي وڃي ٿي، جو تہ ڪين عادتاً ماريو ۽ کاڌو وڃي ٿو. پوڄا جي انهن ٻنهي نمونن ۾ جانورن جي پوڄا ڪنهن نہ ڪنهن اهڙي فائدي سبب ڪئي وڃي ٿي، جو پنهنجيءَ نوعيت ۾ اثباتي آهي يا نفي، جنهن جي حاصل ڪرڻ جي هڪ وحشي اميد رکي ٿو. پهرينءَ پوڄا ۾ اهو فائدو يا تہ حفاظت، مشوري ۽ امداد جي اثباتي صورت ۾ ملي ٿو، جا انسان کي جانور وٽان ملي ٿي، يا وري زخمن رسائڻ کان پرهيز ڪرڻ جي منفي صورت ۾ ملي ٿو. جي هڪ جانور ماڻهوءَ کي پهچائي سگهي ٿو. پوئينءَ پوڄا ۾، اهو فائدو جانور جي گوشت ۽ ڪل جي مادي صورت اختيار ڪري ٿو. ٻنهي نمونن جون پوڄائون ڪجهہ قدر متضاد آهن، هڪ حالت ۾ جانور کي ان ڪري نہ ٿو کاڌو وڃي، جو سندس پوڄا ڪئي وڃي ٿي، ٻيءَ ۾ سندس پوڄا ان ڪري ڪئي وڃي ٿي، جو ڪيس کاڌو وڃي ٿو. ۽ هڪ ٿي قوم پوڄا جي انهن ٻنهي نمونن تي عمل ڪيو ٿي سگهي ٿي، جئين اسين اتر آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين کي ڏسون ٿا جيڪي، هڪ طرف تہ پنهنجي خانداني علامت وارن جانورن جي پوڄا ڪن ٿا ۽ ڪين بچائين ٿا، تہ ٻئي طرف انهن جانورن ۽ مڇين جي پوڄا نہ ڪن ٿا، جن تي سندن گذران جو دارومدار آهي. آسٽريليا جي قديم النسل ماڻهن وٽ خانداني علامتن رکڻ جو رواج انتهائي قديم صورت ۾ موجود آهي، ۽ هن باري ۾ ڪا صاف شهادت نہ ٿي ملي تہ اهي اتر آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين وانگر، انهن جانورن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جن کي اهي مارين ۽ کائين ٿا. شڪار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهڻي مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ آسٽريليا جو وحشي جيڪي ذريعا اختيار ڪري ٿو، تن جو بنياد ابتدائي طور جانورن کي زاڻي ڪرڻ تي نہ، پر هم آهنگ جادوءَ تي ٻڌل آهي، جو هڪ اهڙو اصول آهي، جنهن مان اترآمريڪا جا گاڙها هندستاني ۽ ساڳئي مقصد لاءِ ڪم وٺن ٿا. چنانچہ، جيئن تہ آسٽريلوائي وحشي، بنان ڪنهن شبهي جي، انساني ارتقا جي اترآمريڪا جي گاڙهن هندستانين کان زياده قديم ۽ زياده وحشي حالت جي نمائندگي ڪن ٿا، تنهن مان اڻين پيو معلوم ٿئي تہ شڪار جي جانورن جي گهڻي مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ، جانورن کي پوڄا جي خيال اڇو کان اڳ، شڪاري ساڳيو ئي مقصد هم آهنگ جادوءَ ذريعي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ مان وري هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي رهي آهي — جنهن ۾ اعتبار ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب موجود آهي — تہ فطرت جي قوتن کي پنهنجين ضرورتن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ جن ذريعن کان ڪم ورتو آهي، تن ۾ هم آهنگ جادو قديم ترين وسيلن مان هڪ آهي.

جانورن جي پوڄا جي انهن ٻن نمونن سان ڏهڪندڙ جانور ديوتا کي ڦهڪ ڪرڻ جي رسم جا ٻہ مختلف ۽ جدا جدا طريقا آهن. هڪ طرف، جڏهن قابل احترام جانور کي عام طور چڏي ڏنو ويندو آهي، تڏهن ان جي باوجود ڪيس ڪن نادر ۽ گنهير موقعن تي ماريو ۽ ڪڏهن ڪڏهن کاڌو ويندو آهي. انهيءَ قسم جا مثال اڳي ئي ڏنا ويا آهن ۽ انهن جي سمجهاڻي پڻ پيش ڪئي ويئي آهي. ٻئي طرف، جڏهن پوڄا جي لائق جانور کي عادتاً ماريو ويندو آهي، تڏهن ڪنهن ٻ نسل جي هڪ جانور کي مارڻ ۾ ديوتا جو قتل ماخوذ آهي، جنهن لاءِ جانور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مارڻ واري هٿ وٽ ئي آزمون نيزاريون ڪري ۽ قربانيون ڏيئي، نقصان جي تلافي ڪئي ويندي آهي، خاص طرح جڏهن اهو جانور طاقتور ۽ خطرناڪ هوندو آهي، انهيءَ رواجي ۽ روزمره جي تلافيءَ کان علاوه، هڪ خاص نوعيت جي سالانه تلافي پڻ ڪئي ويندي آهي، جنهن تي انهيءَ نسل جي هڪ چونڊ جانور کي احترام ۽ محبت جي ڏاڍيءَ وڏيءَ ۽ غيرمعمولي نمائش سان ذبح ڪيو ويندو آهي، ظاهر آهي ته انهن بنهي قسمن جي متبرڪ قتلن — يعني مصري ۽ "ائنو" نمونن ۾ جيئن انهن کي مميز ڪرڻ لاءِ سڏڻ گهرجي — هڪ رواجي مبصر سونجهارو پيدا ڪري وجهندو ۽ هن فيصلي ڪرڻ کان اڳ، ته هڪ مخصوص مثال ڪهڙي نموني وارو آهي، هن ڳالهه جي تصديق ڪرڻ ضروري آهي ته جنهن جانور کي تبرڪ طور ذبح ڪيو ويو آهي، سو انهيءَ نسل سان وابستہ آهي، جنهن کي عادتاً چڏي ڏنو ويندو آهي يا انهيءَ سان، جنهن کي قبيلي وارا گهٽو ڪري ماريندا آهن، اول‌الذڪر حالت ۾، انهيءَ مثال جو واسطو مصري نموني واري تبرڪ سان آهي ۽ موخرالذڪر صورت ۾ "ائنو" قوم وارن جي نموني سان.

معلوم ٿئي ٿو ته زراعت پيشي وارن قبيلن جي رواج سان اسان کي بنهي قسمن جي تبرڪ جا مثال ملن ٿا. ائڊولف بيسشين چوي ٿو ته "زراعت پيشہ قومون، جي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ڏڻ کي اجنبين وٽ فروخت ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيندڙ آهن، جي انهن جانورن جي هڏن جي شايد بيحرمتي ڪن، سي انهيءَ خطري کي ٽارڻ لاءِ، جو اهڙي ناپاڪ ڪرڪرڻ جو هوند نتيجو ٿئي، پنهنجي ڏڻ مان هڪ جانور کي مقدس ۽ قابل پرستش هستي قرار ڏيئي، ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي خانداني گروهہ سان گڏ، بند ٽيل دروازن اندر ويهي بطور تبرڪ ڪائيندا آهن ۽ پوءِ سندس هڏن کي رسمي احترام ۽ تعظيم ڏيئي، جا درحقيقت هرهڪ جانور کي علحده علحده ملڻ گهرجي، پر اهو احترام سڀني جانورن جي فقط هڪ نمائندي کي ڏيڻ سان ئي سڀني کي مليل سمجهيو ويندو آهي، دفن ڪري چڏيندا آهن. اهڙيون خانداني دعوتون گهٽين قومن، خاص طرح ڪوه ڪاف واڻين قومن ۾، منعقد ڪيون ويندينون آهن. موسم بهار ۾ جڏهن ائڊجيس قوم جا ريڍار ڪمر ڪشي ۽ هڻن ۾، پنهنجيون لڏيون جهلي، پنهنجين مشترڪ محفلن ۾ گڏ ويهي ڪاڏو ڪائيندا آهن، تڏهن ان کي تبرڪ ۾ سمجهي گهرجي ۽ باهمي امداد ۽ حمايت جي قسم جي نظر سان ۾ ڏسڻ گهرجي، چوتہ سڀني قسمن کان زياده زوردار ۽ طاقتور اهو قسم هوندو آهي، جنهن جي ڪٽڻ وقت ڪا پاڪ شيءَ ڪاڏي وڃي، چوتہ ممڪن ناهي تہ ڪوڙو قسم ڪائيندڙ ماٺهو انهيءَ ديوتا جي انتقام کان بچي وڃي، جنهن کي انهيءَ ڪائي، پنهنجي جسم اندر جمع ڪيو آهي." تبرڪ جو اهو قسم "ائنو" قوم وارن جو، يا تلافي ڪرڻ واري نموني جو آهي، جاڪاڻ تہ اُن جو مقصد جانورن جي ڪنهن ۾ نسل کي سندس افراد سان ايندڙ ڪنهن وقت تي خراب ۽ هٿڪ آميز هلت ڪرڻ جي بدلي ۾ ۽ عيوضي ڏيڻ جو آهي. ساڳيئي اصول مطابق، پر تفصيلن ۾ مختلف، ڪالموڪ قبيلي وارا ريڍن کي عيوضو ڏيندا آهن، جن جو گوشت انهيءَ قوم جي مکيہ غذائن مان هڪ آهي. شاهوڪار ڪالموڪ هڪ سفيد گهيٽي کي "آسماني گهيٽي" يا "ديوتائي گهيٽي" جي لقب سان مقدس ڪري چڏي ڏيندا آهن. انهيءَ جانور جي اُن ڪڏهن ۾ نہ ويڃي ويندي آهي ۽ نہ وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي فروخت ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو پوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ سندس مالڪ ان جي بجاءِ نئون گهيٽو بدلڻ چاهيندو آهي، تڏهن پوڙهي گهيٽي کي هڪ محفل ۾ ضرور ذبح ڪري، ڪائٽو پوندو آهي، جنهن ۾ سڀني همسائن کي مدعو ڪيو ويندو آهي. ڪنهن روز سعيد تي، جو گهٽو ڪري موسم خزان ۾ هوندو آهي، ۽ جڏهن رڍون ٽلهيون، ستاريون ٽيندڙيون آهن، تڏهن جادوگر پوڙهي گهيٽي جي جسم مٿان ڪير چڙڪائي، ڪيس ذبح ڪندو آهي. سندس گوشت ڪاڏو ويندو آهي، ان جي هڏن جي پنجري کي، ٿوريءَ چربيءَ سان گڏ، گاهه جي قربان گاهه مٿان باهه ۾ ساڙيو ويندو آهي، ۽ سندس چمڙي، سسيءَ ۽ ڪرن سميت، مٿي لٽڪائي ويندي آهي.

مصري تبرڪ جي نموني جو هڪ مثال اسان کي ڏکڻ هندستان جي "ٽوڊا" ذاتي هڪ مالدار قوم وارن وٽان ملي ٿو، جي گهٽو ڪري مينهن جي ڪير تي گذران ڪندا آهن. انهن وٽ "مينهن ڪنهن حد تائين مقدس سمجهي ويندي آهي" ۽ ماڻهو ساڻس "وڏيءَ رحمدليءَ وارو سلوڪ ڪندا آهن، جو پوڄا جي حد تائين پهتل هوندو آهي." اهي مينهن جو گوشت هرگز ڪونه ڪائيندا آهن ۽ عام طرح پاڏي جي گوشت کان پڻ پرهيز ڪندا آهن. پر انهيءَ پوئين قانون کان هڪ حالت مستثنيٰ قرار ڏني ويئي آهي. سال ۾ هڪ دفعو ڪوٽ جا سڀئي بالغ مرد گڏ ٿي هڪ نندڙي پاڏي - جو ڏسڻ ۾ هڪ مهيني کان ٻ ننڍو هوندو آهي - کي ذبح ڪري، ڪيس ڪائڻ جي رسم ادا ڪندا آهن. پاڏي کي پيلي جي تمام اونداهي ۽ ڳهاڻي حصي ۾ وڌي ويندا آهن، جتي ڪيس هڪ مقدس وڻ (سلينگٽونيا) جي ڪاڻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٿهيل هڪ ڏنڊي سان ڏڪ هڻي ماريندا آهن. ڪائين کي هڪ ٻئي سان گسائي باهم ٻاري ويندي آهي ۽ پاڻي جي گوشت کي ڪن خاص وڻن جي ڪائين مان ٻاريل باهم تي پچائي، فقط مرد کائيندا آهن ۽ عورتن کي انهيءَ اجتماع کان خارج رکيو ويندو آهي. اهو ٽي فقط هڪ موقعو آهي، جڏهن ٽوڙا مينهن جو گوشت کائيندا آهن. وچ آفريڪا جي ماڊي يا مورو قبيلي جا ماڻهو، جن جي خاص دولت سندن چوپايو مال آهي ۽ جي زراعت پيشہ هئڻ جي باوجود، ڪن خاص سنجيده نوعيت وارن موقعن تي رڍ جي هڪ ٻچي کي تبرڪ طور ذبح ڪندا آهن. ڊاڪٽر فيلڪن سندن انهيءَ رسم جو بيان هن طرح ڪري ٿو:

"ڪن خاص مقرر وقتن - مون کي ٻڌايو ويو آهي ته سال ۾ هڪ دفعو - هڪ عجيب ۽ غريب رسم ادا ڪئي ويندي آهي. آءٌ اها خاطري ڪانہ ڪري سگهيو آهيان ته ان جي پوري معنيٰ ڪهڙي آهي. بهر حال، معلوم ائين ٿو ٿئي ته ان رسم جي ادا ڪرڻ سان ماڻهن جي دلين تان ڪو وڏو بوجو لهي ويندو آهي، چو ته ان کان اڳ اهي وڏي غم ۽ اندوه جو اظهار ڪندا آهن، پر جڏهن اها رسم ادا ڪري پوري ڪندا آهن، تڏهن ڏاڍي خوشي ڪندا آهن. جيڪي ڪجهہ ڪيو ويندو آهي، سو هيءَ آهي: ماڻهن جو هڪ وڏو انبوه، جنهن ۾ سيني جماڻ جا ماڻهو جمع هوندا آهن، پٽڻ جي هڪ گول چڪر جي چوڌاري اچي ويهندو آهي، جو رستي (درحقيقت هڪ سوڙهي پيچري) جي پاسي ۾ ٽاهيو ويندو آهي. پوءِ هڪ چوڪرو سيني رڍن مان هڪ چوٽ رڍ ڪاهي ايندو آهي، جنهن کي جمع ٽيل ماڻهن جي چوڌاري چار دفعا ڦيرڻون ڏيارينڊو آهي. جئين اها رڍ سندن چوڌاري لنگهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي آهي، تئين چکر ۾ ويڙل ماڻهو رڌ جي پشم سان ٽورو حصو پڻيندا ويندا آهن ۽ ان کي پنهنجن وارن يا جسر جي ڪنهن ٻئي حصي تي رکندا آهن. رڌ کي ٻوءِ پڙن وٽ وڻي ويندا آهن، جتي اُن کي هڪ اهڙو ماڻهو ذبح ڪندو آهي، جو شايد ڪنهن پادري گهراڻي سان واسطو هوندو آهي ۽ ذبح ٿيل رڌ جو رت ڪڍي، چار دفعا مجمعي جي مٿان چڙڪائيندو آهي. ٻوءِ وري اهو هرهڪ کي جدا جدا انهيءَ رت سان ذرو ذرو لڳائيندو ويندو آهي. هارن جي چاتيءَ واري هڏي جي هيٺينءَ پڇڙيءَ وٽ هو انهيءَ رت جو گول نشان ڪندو آهي، زالن تي چاتيءَ جي مٿان ۽ مردن کي ڪلهن وٽ چهندو ويندو آهي. ان کان ٻوءِ هو انهيءَ رسم جو مقصد سمجهائيندو آهي ۽ ماڻهن کي رحم ڪرڻ جي تلقين ڪندو آهي ..... جڏهن اهو خطبو، جو ڪن وقتن تي تمام ڊگهو هوندو آهي، پورو ٿيندو آهي، تڏهن ماڻهو اٿندا آهن ۽ منجهانئن هرهڪ ڇٽو انهن پڙن تي يا سندن پاسي ۾ هڪ ٻن رکندو ويندو آهي ۽ ٻوءِ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان اتان هليو ويندو آهي. رڌ جي ڪوپري پڙن جي پرسان هڪ وڻ ۾ لٽڪائي ويندي آهي ۽ گوشت غريبن کي ڪائڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. اها رسم ٻين وقتن تي پڻ ڪنديءِ پٺماني تي ادا ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو خاندان بيماريءَ يا موت سبب ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا هوندو آهي، تہ سندن دوست ۽ پاڙيسري جمع ٿي، هڪ رڌ ذبح ڪندا آهن، ان طرح اهي سمجهندا آهن تہ اهو خاندان وڏيڪ مصيبت کان محفوظ رهندو ۽ اها ٽري ويندي. مٽل دوستن جي قبرن ۽ خوشيءَ جي ٻين موقعن، جهڙوڪ ڪنهن طويل غير حاضريءَ بعد پٽ جي واپس گهر اچڻ وغيره تي ہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي ئي رسم ادا ڪئي ويندي آهي." ريڊ جي سالياني ذبح وقت ماڻهو جنهن غم جو اظهار ڪن ٿا، تنهن مان ائين پيو نظر اچي تہ ريڊ هڪ مقدس يا ديوتائي جانور آهي، جنهن جي موت تي سندس پوجاري بلڪل اهڙيءَ طرح ماتم ڪن ٿا، جهڙيءَ طرح ڪئليفورنيا جا باشندا مقدس عقاب جي موت تي ۽ مصري باشندا ٽيبس واري گهيٽي جي موت تي غم ۽ اندوه جو اظهار ڪندا هئا. هرهڪ ماڻهوءَ کي ريڊ جو رت تڻڻ، ديوتا سان هڪ قسم جو رابطو قائم ڪرڻ آهي، ديوتائي زندگيءَ جي ذريعي کي، رت وانگر پي، يا گوشت وانگر کائي، پيٽ اندر داخل ڪرڻ بدران، ٻاهر لڳايو وڃي ٿو.

۲- **مقدس جانورن سان گڏ جلوس:** روحاني رابطي جي انهيءَ نموني جو مثال، جنهن ۾ مقدس جانور کي هر هڪ گهر ۾ گهمايو وڃي ٿو، تہ جيئن سندس ديوتائي اثر کان سيٻي ڇٽا مستفيض ٿين، گلياڪ قوم وارن جي رڇ کي مارڻ کان اڳ سڄي ڳوٺ ۾ جلوس جي صورت ۾ گهمائڻ ۽ ڦيرائڻ جي رسم مان سلي چڪو آهي. ساڳيءَ طرح پنجاب جي "نانگ قبيلي" وارا مقدس نانگ سان بلڪل ساڳيءَ نوعيت جو روحاني تعلق قائم ڪندا آهن. سال ۾ هڪ دفعو سيپٽمبر مهيني ۾ سڀني فرقن ۽ مذهبن جا پيروءَ فقط نون ڏينهن لاءِ نانگ جي پوجا ڪندا آهن. آگسٽ مهيني جي آخر ڌاري، سپراسٽيون، خاص طرح، "نانگ قبيلي" واريون، ڳوٺ اڻي مان هڪ نانگ ٺاهي، ان کي ڪاڙهو ۽ ڪارو رنگ ڏيئي ڇڄ ۾ رکنديون آهن. انهيءَ ڇڄ کي اهي ڳوٺ جي هر گهر آندر ڪٽي ويندڙون آهن ۽ ڪنهن ۾ جاءِ اندر داخل ٿيڻ وقت هيئن چوندڙون آهن: "شل خدا اوهان سڀني جو ساٿي ٿئي! شل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپ دک درد اوهان کان دور رهي! شل اسان جي آقا (گوگا) جو قول قائم رهي!" پوءِ اهي نانگ سوڌو چڄ پيش ڪندي، هيئن چوندیون آهن تہ "الٰي جي هڪ ننڍي مانيءَ مکڻ جو هڪ ننڍڙو ڇاڻو، جيڪڏهن نانگ جي فرمانبرداري ڪندا، تہ اوهين ۽ اوهان جا سيئي پيارا وڌندا". درحقيقت، مانيءَ مکڻ ڏيڻ گهرجي، پر ائين مشڪل ئي ڪيو ويندو آهي. بهرحال، هرڪو ڪجهہ نہ ڪجهہ، عام طرح الٰي جي لَسيَ يا ٽورو ان ۾ ڏيندو آهي. جن گهرن ۾ نئين ڪنوار آيل هوندي آهي، يا جتان ڪا چوڪري پرڻجي ويئي هوندي آهي، يا جتي پٽ ڇايو هوندو آهي، اتي گهٽو ڪري سوا رپيو يا ڪپڙي ڏيڻ جو رواج هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن نانگ ڪٽي وڃن. وارا هيءَ راڳ ڳائيندا آهن:

"نانگ کي ڪپڙي جو ٽڪر ڏيو، ۽ هو اوهان ڏانهن
هڪ خوبصورت ڪنوار موڪليندو".

جڏهن هر هڪ گهر مان اهڙيءَ ريت چڪر لڳائي پورو ڪيو ويندو آهي، تڏهن الٰي جي نانگ کي دفن ڪري، مٿانئس هڪ ننڍي قبر ٺاهي ويندي آهي. انهيءَ هنڌ ڪوٺ جون زالون سيپٽمبر مهيني جي نون ڏينهن ۾ پوڄا پاٺ ڪرڻ لاءِ ويندیون آهن. اهي پاڻ سان گڏ ڏهيءَ جي هڪ پات ڪٽي ويندیون آهن، جنهن سان ڪجهہ حصو نانگ کي نذراني طور پيش ڪندیون آهن ۽ ان وقت زمين تي جهڪي، پيشانيءَ کي سڱيءَ سان لڳائيندیون آهن. پوءِ گهر وڃي، اها ڏهي ٻارن ۾ تقسيم ڪندیون آهن. هن حالت ۾، ظاهر آهي، تہ الٰي جو نانگ هڪ سچي نانگ جو عيوضي آهي. درحقيقت، اهڙن ضلعن ۾، جتي نانگ عام جام هوندا آهن، اها پوڄا الٰي مان ٽهيل نانگ جي قبر تي نہ، پر اهڙن ٻيلن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ويندي آهي، جتي نانگن جا گهر هوندا آهن. انهيءَ سالياني پوڄا ڪان سواءِ، جا سيپٽي ماڻهو ڪندا آهن، "نانگ قبيلي" جا ماڻهو نئين چنڊ ڪان پوءِ هر صبح جو ساڳئي نموني جي پوڄا ڪندا آهن." نانگ قبيلو" پنجاب ۾ اڻ لڀ ناهي. انهيءَ قبيلي جا افراد نانگ کي نہ ماريندا آهن ۽ چوندا آهن ته ان جو چڪ کين ڪوبہ ضرر ڪونہ پهچائيندو آهي. جيڪڏهن انهن کي ڪو مئل نانگ ملي ويندو آهي، تہ اهي کيس ڪفن ڏيئي باقاعده طور دفن ڪندا آهن.

انهيءَ هندستاني پوڄا سان قريبي مشابهت رکندڙ رسمون اڄ تائين بہ يورپ ۾ باقي رهنديون آيون آهن، جي بلا شڪ وشبہ تمام اوائلي بت پرستيءَ واري زماني جون آهن. انهيءَ جو مشهور مثال "جهنگ جهرڪيءَ کي شڪار ڪرڻ" جو آهي. تمام گهٽين يورپي قومن طرفان ــ قديم يونانين ۽ روسين، جديد اطالوين، هسپانوين، فرينچن، جرمنن، ڊچن، ڊينس، سئيڊس، انگريزن ۽ ويلس قوم وارن جهنگ جهرڪيءَ کي بادشاهہ، پڪين جي بادشاهہ، ٻوڙي جي بادشاهہ، وغيره جهڙا لقب ڏنا آهن ۽ ڪيس انهن پرندن مان هڪ ٺهرايو آهي، جن کي نارڻ انتهائي بدبختيءَ جو باعث سمجهيو ويندو آهي. انگلنڊ ۾ ائين سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن کو جهنگ جهرڪيءَ کي ماريندو يا سندس آکيرو ڦٽائيندو، تہ پکئي پڪ هڪ سال اندر سندس کوٽہ کو هڏو پڃندو، يا وري اهو کنهن خوفناڪ حادثي سان دوچار ٿيندو، ڪڏهن ڪڏهن وري ائين سمجهيو ويندو آهي ته ڪٿن جو ڪير رت جهڙو ٿي ويندو. اسڪاٽلنڊ ۾ جهنگ جهرڪيءَ کي "آسماني ڪڪڙ جي بيگم" سڏيو ويندو آهي ۽ چوڪرا چوندا آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شل مصيبت نازل ٿئي، مصيبت، ڏهن ڪان زياده دفعا،
(انهن تي) جيڪي آسماني ڪڙ جي بيگر ڪي تنگ ڪن ٿا".

برٽنيءَ ۾ سينٽ ڊونان وٽ، ماڻهن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن هار ننڍين جهنگ جهرڪين ڪي سندن آڪيرن ۾ هٽ لائيندا، ته انهن ڪي سينٽ لارينس جي باهه، يعني سندن منهن ۾ ٽنگن وغيره تي، موهيڙن جي تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي. فرانس جي ڪن ٻين حصن ۾ وري ائين سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو جهنگ جهرڪيءَ ڪي مارينڊو يا سندس آڪيرو ڦٽائيندو، ته ان جي گهر مٿان وڄ ڪرندي! يا جن آڳرين سان هن اهو ڪم سرانجام ڪيو هوندو، سي سُڄي، سُسي، آخرڪار ڪري پونديون يا ڪم از ڪم اهي بيحس و حرڪت ٿي پونديون يا وري سندس چوپائي مال جي پيرن ۾ بيماري وڃي گهر ڪندي.

اهڙن اعتقادن جي باوجود، جهنگ جهرڪيءَ ڪي سال ۾ هڪ دفعو مارڻ جي رسم هن ملڪ ۾ فرانس ۾ دور دور تائين ڦهليل رهي آهي. آئيل آف مئن پيٽ ۾ ارڙهين صديءَ تائين اها رسم ناتال ڪان هڪ ڏينهن اڳ واريءَ شام يا ناتال واري صبح تي ادا ڪئي ويندي هئي. چوويهين ڊسمبر تي شام ڏاري، گهر جي سڀني نوڪرن ڪي سوڪل ملندي هئي. سڃيءَ رات تائين اهي ننڊ ۾ ڪندا هئا، پر اڌ رات تائين، جڏهن سڀني ڊيولين ۾ گهنڊ وڄڻ لڳندا هئا، اهي هيڏانهن هوڏانهن شهر ۾ رلندا ڦرندا هئا. جڏهن نماز ختم ٿيندي هئي، تڏهن اهي جهنگ جهرڪيءَ جو شڪار ڪرڻ نڪرندا هئا ۽ جڏهن ڪين ڪا هڪ جهرڪي هٽ لڳندي هئي، تڏهن اهي ڪيس ماري، هڪ ڊگهي لڪڙي سان ٻڌي ڇڏيندا هئا، پر ان جا ڪنب ڇڪي ڊگها ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهرڪيءَ کي اهڙي نموني سان ٻڌي، ڪيس جلوس جي صورت
۾ گهر گهر ڪٽي ويندا هئا ۽ هيءَ سر آلاپيندا ويندا هئا :
"اسان جهنگ جهرڪيءَ جو 'راہن دي باہن' واسطي شڪار ڪيو،
اسان جهنگ جهرڪيءَ جو 'جئڪ دي ڪئن' واسطي شڪار ڪيو،
اسان جهنگ جهرڪيءَ جو 'راہن دي باہن' واسطي شڪار ڪيو،
اسان جهنگ جهرڪيءَ جو هر هڪ واسطي شڪار ڪيو."

جڏهن اهي هر هڪ گهر جو چڪر هٿي پورو ڪندا هئا
۽ جيترا پيسا جمع ڪري سگهندا هئا، اوترا ڪنا ڪري پورا
ڪندا هئا، تڏهن اهي جهنگ جهرڪيءَ کي چڪيا تي رکي،
جلوس جي صورت ۾ ديول جي قبرستان ۾ پهچائيندا هئا، جتي
اهي سندس قبر ٺاهيندا هئا ۽ "انتهائي سنجيدگيءَ سان، مٺڪبس
پوليءَ ۾ ماتمي گيت آلاپيندا هئا، جنهن کي اهي سندس موت
جو مرثيو سڏيندا هئا، ان کان پوءِ ناتال شروع ٿيندو هو."
دفن جو ڪم پورو ٿيندو هو، تہ ديول جي حاطي کان ٻاهر ٻيٽل
ماٺهو گول چڪر ٺاهي، سازن جي آواز تي نچندا هئا.

ارڙهين صديءَ جو هڪ ڪتاب نويس لکي ٿو تہ آئرلنڊ
۾ "جهنگ جهرڪيءَ جو اڃا تائين شڪار ڪيو ويندو آهي ۽
ڪڙمي ان کي ناتال واري ڏينهن ماريندا آهن ۽ ٻئي ڏينهن
(سينٽ اسٽيفن جو ڏينهن) ان کي ٻن ٿيٽن جي وچ ۾، جي هڪ
ٻئي کي زاويہ قائم تي ڪاٽيندا آهن، هڪ ٽنگ ذريعي لٽڪائي،
گوٽ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿيرايو ويندو آهي، هر هڪ گوٽ ۾
مردن، زالن ۽ ٻارن تي مشتمل هڪ جلوس ڪڍيو ويندو آهي،
جي آئرش پوليءَ جو هڪ مصرعو ڳائيندا ويندا آهن، جنهن ۾
جهرڪيءَ کي سيني پرندن جو بادشاهہ سڏيو ويندو آهي." اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تائين ۾ "جهنگ جهرڪيءَ جو شڪار" لينسٽر ۾ ڪوناٽ ضلعن جي ڪن حصن ۾ ڪيو ويندو آهي. ناتال يا سينٽ اسٽيفن واري ڏينهن تي، چوڪرا جهنگ جهرڪيءَ جو شڪار ڪري ڪيس ماريندا آهن، پوءِ ڪيس "هالي" ۾ "آئوي" نالي وٽين جي جهڳڻن جي وچ ۾ رکي، ٻوهاري جي لڪڙي جي چيڙي سان ٻڌي، سينٽ اسٽيفن واري ڏينهن هڪ گهر کان ٻئي ڏانهن ڪٽي ويندا آهن ۽ هيءَ گيت آلاپيندا ويندا آهن :

"جهنگ جهرڪي، جهنگ جهرڪي، سيني پڪين جو شاهه،
سينٽ اسٽيفن وٺري ڏينهن ڪاسائي ويئي جهنگ ماڻ،
ننڍي آهي حالانڪ، وڏو آهيس خاندان،
براه نوازش، اي خاتون، اسان کي ڏي ڪجهه مال."

پوءِ ڪين پيسا يا ڪاڏو (مانيءَ، ڪڻڪ، آٽا وغيره) ڏنو ويندو هو، جنهن ۾ اهي شام جو خوب دعوت ڪندا هئا.

اڻويهين صديءَ جي پهرئين اڌ حصي ۾ ساڳئي قسم جون رسمون ڏکڻ فرانس جي مختلف حصن ۾ اڃا تائين ادا ڪيون ويندیون هيون. چنانچه، ڪارڪاسون ويٺ، هر سال ڊسمبر مهيني جي پهرين آرٽوار تي، سينٽ جين گهٽيءَ جا نوجوان ماڻهو لئين سان مسلح ٿي، شهر کان ٻاهر ويندا هئا، جتي اهي جهنگ جهرڪين کي گولين ۽ ڪاسائن لاءِ جهاڙين کي ڊڪ هڻندا هئا. جيڪو ماڻهو اهڙن پکين مان هڪ کي سيني کان اول ڊڪ هڻي ماريندو هو، تنهن کي "بادشاه" جو خطاب ڏنو ويندو هو. پوءِ اهي جلوس ناهي، "بادشاه" جي سرڪردگيءَ ۾، جو جهنگ جهرڪيءَ کي لڪڙي جي چوٽيءَ تي ويهاري ڪٽي هلندو هو، شهر ڏانهن موٽندا هئا. سال جي پوئين ڏينهن جي شام جو "بادشاهه" ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا سپ آهي ماڻهو، جن جهنگ جهرڪيءَ کي شڪار ڪرڻ ۾ حصو ورتو هوندو هو، مشعلن جي روشنيءَ ۾ شهر جي گهٽين ۽ ڳوٺن ۾ شرنائين جي آواز سان، جي جلوس جي اڳيان هلندڙن هيون، چڪر هڻندا هئا. هر هڪ گهر جي دروازي تي اهي بيهي رهندا هئا ۽ منجهائن هڪ ڇٽو انهيءَ دروازي تي چاڪ سان "وائيو لي روئي!" الفاظ ۽ نئين شروع ٿيندڙ سال جا انگ لکندو هو. پارهين ڏينهن جي صبح جو "بادشاهه" وري ٻ وڏي شان ۽ شوڪت سان، مٿي تي تاج رکي، نيلي رنگ جو جبو پهري ۽ هٿ ۾ شاهي ڏنڊو ڪٽي جلوس جي صورت ۾ شهر مان چڪر هڻندو هو. سندس اڳيان جهنگ جهرڪيءَ کي ڪٽي هلندا هئا، جا هڪ ڊگهي لکڙي جي چوٽيءَ سان ٻڌل هوندي هئي، جنهن کي زيتون ۽ ٽاه بلوط جي وڻن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاه بلوط تي چاڙهيل "مزل ٽو" ول جي ساڻ پنن جي هار سان سينگاريو ويندو هو. سينٽ ونسينٽ جي ديول ۾ وڏيءَ عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ، جتي هو پنهنجن محافظن ۽ آفيسرن جي جهرمٽ جي وچ ۾ بيٺو هوندو هو، "بادشاهه" پوءِ بشپ، ميئر، مئجسٽريٽن ۽ شهر جي مکيه رهاڪن سان ملاقات ڪندو هو ۽ شاهي محفل لاءِ پيسا ڪٺا ڪندو هو، جا شام جو منعقد ڪئي ويندي هئي ۽ هڪ ناچ سان ختم ٿيندي هئي.

"جهنگ جهرڪيءَ جي شڪار" واريءَ رسم ۽ پين اهڙين رسمن مان ڪن جي درميان، جن تي اسان غور ڪري آيا آهيون، خاص طرح گلياڪ قوم وارن جي رچ سان جلوس ڪڍڻ ۽ هندستانين جي نانگ سان جلوس ڪڍڻ واريءَ رسم درميان جيڪو توازن آهي، سو اهڙو تہ قريبي آهي، جو ان باري ۾ ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شڪ ۽ شبهي ڪرڻ جي گنجائش ڪانهي ته اهي سڀ رسمون ساڳين نظرين جي حلقي سان وابسته آهن. قابل پرستش جانور کي سال ۾ هڪ دفعو خاص قسم جي سنجيدگيءَ سان ذبح ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس موت کان پيشتر يا هڪدم بعد، ڪيس در در ڦيرايو وڃي ٿو ته جيئن سندس پوڄارين مان هر هڪ کي انهن ديوتائي خوبين جو ڪجهه حصو حاصل ٿئي، جي نڪل يا مرندڙ ديوتا جي وجود مان باهر نڪرنديون سمجهيون ويندیون آهن. انهيءَ قسم جي مذهبي جلوسن کي، جيڪڏهن اسين ان گاله، تي انهن مختلف نشانين جي آڏار تي غور ڪريون، جي يورپ جي لوڪ - رسم ۾ اڄ تائين رهجي ويڻون آهن، قبل از تاريخ واري دور ۾ يورپي باشندن جي سائن سوڻن ۾ اعليٰ مقام حاصل هوندو. مثال طور، سال جي آخرين ڏينهن تي، يا "هوگ مئني"، جيئن ان ڏينهن کي سڏيو ويندو هو، اسڪاٽلنڊ جي اتانهن پڻ ۾ هيءَ رسم هوندي هئي ته هڪ ماڻهو پاڻ کي ڪئونءَ جي ڪل ۾ لڪائي، نوجوان ڇوڪرن جي همراه، جن مان هر هڪ کي هڪ لٺ هوندي هئي، جنهن کي ڪچيءَ ڪل جو ذرو پڌل هوندو هُو، ڳوٺ جي هر هڪ دروازي تي ويندو هو. هر هڪ گهر جي جاءَ جي چوڌاري، ڪئونءَ جي ڪل ۾ ملبوس، اهو ماڻهو "وائسيل" نموني، يعني مڇ جي ڦيري واري رستي مطابق ٽي دفعا اهڙيءَ طرح ڊوڙندو هو، جو گهر واريءَ جاءَ کي هر وقت پنهنجي ساڄي هٿ تي رکندو هو، باقي پيا ڇٽا سندس پويان پوندا هئا ۽ پنهنجين لٽين سان ڪئونءَ جي ڪل کي اهڙي زور سان ڏڪ هڻندا هئا، جو ان سان دهل جهڙو آواز نڪرندو هو. انهيءَ ٻي ترتيب جلوس جي دوران ۾، اهي گهر جي ديوارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ۽ ڏڪ نوڪيندا هئا. جڏهن کين گهر اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ملندي هئي، تڏهن سڄو مان هڪ ڇڙو گهر جي چانڊ اندران ٻاهر، هيءَ دعا ڪندو هو، "شل خدا هن گهر ۽ منجهس رکيل هر هڪ شيءَ، چوپائي مال، عمارتي ڪاٺ ۽ پٿرن تي رحمت نازل ڪري! شل هيءَ گهر جام گوشت، بدن ۽ بسترن جي ڪپڙن ۽ ماڻهن جي صحت سان هميشه پريو رهي!" پوءِ جلوس ۾ شامل هر هڪ ماڻهو پنهنجيءَ پنهنجيءَ لٽ سان ٻڌل چمڙي جي ٽڪري کي ٻاهر ۾ تڏم ڏيندو هو، ائين ڪرڻ کان پوءِ، هو ڪل جي سڙيل ٽڪر ڪي هر هڪ ماڻهوءَ ۽ گهريلو جانور جي نڪ تي رکندو هو. ائين سمجهيو ويندو هو ته اها ڳالهه کين مرض ۽ پين مصيبتن، خاص طرح جادوءَ جي ڦوٽن ڦيٽن، وغيره کان اينڊر سڄي سال جي دوران ۾ محفوظ رکندي. ڪل کي ڏکن هڻڻ سبب جيڪو وڏو آواز ۽ شور ۽ غوغا برپا ٿيندو هو، تنهن جي سبب ڪري انهيءَ سڄيءَ رسم کي "ڪئليوئن" سڏيو ويندو هو. اها رسم سينٽ ڪلڊا سميت هيبرائيڊس جي سڄي ٻيٽ ۾، اڙڻهين صديءَ جي ڪن از ڪم پوئين اڌ تائين ادا ڪئي ويندي هئي ۽ معلوم ٿئي ٿو ته اها اڻويهين صديءَ جي چگي حصي تائين زنده رهندي آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجونجاهون

برائيءَ جو انتقال ۔

۱۔ **بي جان شين ڏانهن انتقال :** ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رسم جي وجود جو سراغ اسين هينئر مختلف قومن اندر ڦولي آيا آهيون ، جڏهن معاشرو شڪار ڪرڻ ، چوپائي مال ڏارڻ ۽ زراعت ڪرڻ وارين منزلن مان لنگهي رهيو هو ، ۽ سون انهن مقصدن کي ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، جن ماڻهن کي اهڙيءَ عجيب و غريب رسم اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. انهيءَ رسم جي هڪ رخ تي اڃا ۽ غور ڪرڻ باقي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سڄيءَ قوم جون مجموعي بد بختيون ۽ سندن گناهه مرندڙ ديوتا ٻڌان اڇلايا ويندا آهن ، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهو انهن کي هميشه لاءِ پاڻ سان کڻي وڃي ٿو. ۽ قوم کي معصوم ، بي گناهه ۽ خوش حال ڇڏي وڃي ٿو. هن خيال سان هڪ وحشيءَ جو دماغ آشنا آهي ته اُسين پنهنجا گناهه ۽ مصيبتون ڪنهن بيءَ هستيءَ کي منتقل ڪري ڏيڻي سگهون ٿا ، جا انهن جو بار آسان جي بدران کڻندي. اهو خيال طبعي ۽ دماغي ، مادي ۽ غير مادي شين جي درميان ظاهر ظهور سونجهاري جي پيدا وار آهي. چاڪاڻ ته ڪائيءَ ، پٿرن ۽ بيءَ ڪنهن ۽ شيءَ جي ٻوجي کي پنهنجيءَ پڻيءَ تان ڦيرائي ، ٻئي ڪنهن جي پڻيءَ تي آڻڻ ممڪن آهي ، ان ڪري هڪ وحشي ائين سمجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ته هو پنهنجن گناهن ۽ مصيبتن جو بار ٻ اهڙيءَ آسانيءَ سان ٻئي کنهن کي منتقل ڪري ڏيئي سگهي ٿو، جو سندس بدران انهن کي برداشت ڪندو. انهيءَ خيال تي هو عمل ڪري ٿو، جنهن جو نتيجو ڪن اهڙين اڻ وٽندڙ ترڪيبن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، جن جي ذريعي هو اهڙين تڪليفن کي ٻين جي کلهن تي اڇلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جن کي پاڻ خود برداشت ڪرڻ کان ماڻهو ڪيائي ٿو. مختصر طور چئجي ته معاشرتي ۽ دماغي ثقافت جي هيٺاهين سطح تي بيئل قومون عيوضيءَ جي ذريعي تڪليف برداشت ڪرڻ جي اصول کي عام طور سمجهن ۽ ان تي عمل ڪن ٿيون. ايندڙ ورڻ ۾ آءٌ انهيءَ نظريي ۽ ان تي ٽيندڙ عمل جا، انهن وحشي قومن مان مثال پيش ڪندس، جي اڃا تائين عريان ساد گيءَ جي حالت ۾ آهن ۽ جي قانونِ حيات جي سسٽن ۽ اصولن جي صفائيءَ ۽ چمڪ دمڪ ۽ فقه جي باريڪين جي پڙدي پٺيان پوشيده ٽيل ناهن.

پاڙيسريءَ کي تڪليف ڏيئي، آسائش ۽ آرام پهچائڻ لاءِ، جن ترڪيبن کان هڪ حرفتي وحشي ڪم وٺي ٿو، سي مختلف ۽ گهڻيون آهن. اهڙين ترڪيبن جي هجوم مان فقط چند مخصوص ۽ علامتي مثال ئي هت پيش ڪري سگهبا. هيءَ ڳالهه شروعات ۾ ئي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جنهن بديءَ کان ماڻهو پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، سا هرو ڀرو کنهن ماڻهوءَ ڏانهن ئي منتقل ڪرڻ ضروري ناهي. اها اوتريءَ ئي آسانيءَ سان جانور يا کنهن ٻيءَ شيءَ ڏانهن ٻ منتقل ڪري سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ سوخرالذڪر حالت ۾ اها شيءِ گهٽو ڪري انهيءَ بديءَ کي اهڙي پهرين ماڻهوءَ کي چنبڙائڻ جو محض هڪ وسيلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي آهي، جو ان کي هٽ لائيندو. ايسٽ انڊيز پيٽن سان
ڪن جي باشندن جو خيال آهي ته مرگهيءَ جي مريضن جي
منهن کي خاص قسم جي ڪن وڻن جي پنن هٺ ۾ پوءِ انهن
کي ڦٽي ڪرڻ سان، مرگهيءَ جي مرض کان شفايابَ ڪري
سگهبو. ائين سمجهيو ويندو آهي ته بيماري پنن اندر گهڙي ويندي
آهي ۽ ساڻن گڏ اها به اچلائي ويندي آهي. ڏندن جي
سور ڇٽائڻ لاءِ آسٽريليا جا ڪي سياه فام باشندا پالي جي
گرم ٽيل قر ڪي ڳل سان ڇهندا آهن. پوءِ اهو قر
ڦو ڪيو ويندو آهي ۽ ڏند جو سور ان سان گڏوگڏ "ڪاري
اڇ" نالي هڪ ڪاري پٿر جي صورت ۾ هليو ويندو آهي. انهيءَ
قسم جا پٿر پراڻن دڙن ۽ ريتيءَ جي ڍيرن ۾ لڌا ويندا آهن.
انهن کي احتياط سان جمع ڪيو ويندو آهي ۽ دشمنن کي ڏندن
جي سور ڏيڻ لاءِ، انهن پٿرن کي انهن ڏانهن اچلايو ويندو آهي. بوگنڊا
جي بهيما نالي هڪ مالدار قوم کي ڪوڙها نڪرندا آهن، جن جون
ڀاڙون تمام هيٺ اونهيون هونديون آهن: "انهيءَ لاءِ سندن
علاج هيءَ هوندو آهي، جو اهي پنهنجي مرض کي ڪنهن ٻئي
ماڻهوءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪيم وٽان کي جڙي
ٻوٽيون وٺي ايندا آهن ۽ انهن کي سوڄ واريءَ جاءِ مٿان مهٽي،
رستي جي وچ ۾ اهڙي هنڌ دفن ڪندا آهن. جتان ماڻهن جو
عام جام گذر هوندو آهي، پهريون ماڻهو، جو دفن ٿيل اهڙيءَ
ٻوٽيءَ کي اورانگهي لنگهي ويندو، سو انهيءَ بيماريءَ کي پاڻ
سان گڏ ڪنيون ويندو ۽ اصلي مريض شفايابَ ٿي ويندو".

ڪڏهن ڪڏهن بيماريءَ جي حالت ۾، مرض کي ڪنهن
ماڻهوءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن ٻوٽي اندر داخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويندو آهي. چنانچہ، باگندا قوم وارن جو خيال ڪڏهن ڪڏهن منڌيءَ مان پنهنجي مريض جو مجسمو تيار ڪندو آهي، پوءِ بيمار ماڻهوءَ جو ڪو نہ ڪو عزيز انهيءَ بوتي کي مريض جي جسم سان مهٽي رستي ۾ دفن ڪندو آهي يا وري رستي جي پاسي ۾ گاهہ اندر لڪائي ڇڏيندو آهي. پهريون ماڻهو، جو انهيءَ بوتي کي اورانگهي لنگهي ويندو يا ان جي پاسي مان گذرندو، سو اهو مرض پرائيندو. ڪڏهن ڪڏهن اهو بوتو "پلئنٽين" بوتي جي گل مان ٺاهيو ويندو هو، جنهن کي اهڙيءَ طرح ٻڌو ويندو هو، جو اهو ماڻهوءَ جي مجسمي وانگر نظر ايندو هو، ان کي اهڙي ئي نسوني ڪم آندو ويندو هو، جهڙيءَ ريت منڌيءَ جي بوتي کي، پر انهيءَ ٻڌي مقصد لاءِ مجسمن جو استعمال اهڙو ڏوهہ هيو، جو گردن زنيءَ جي قابل هو، ڪنهن به ماڻهوءَ کي عام رستي تي اهڙو بوتو دفن ڪندي پڪڙيو ويندو هو، تہ ڪيس يقيناً قتل ڪيو ويندو هو.

ٽمور ٻيٽ جي مغربي ضلعي ۾، جڏهن مرد يا زالون ڏڪا ڏيڻ ٽڪائيندڙ سفر ڪندا آهن، تڏهن اهي پنن وارين تارين کي پکي وانگر هلائيندا آهن، جن کي اهي ڪن اهڙين مخصوص جاين تي اچلائيندا آهن، جتي ڪائنس اڳ سندن ابن ڏاڏن به ائين ئي ڪيو هوء ائين سمجهيو ويندو هو تہ اهي جيڪا ٽڪاوٽ محسوس ڪندا هئا، سا اهڙيءَ طرح پنن ۾ منتقل ٿي پٽتي رهجي ويندي هئي. پيا وري پنن بدران پٿر ڪم آڻيندا آهن. ساڳيءَ طرح بابر ٻيٽن جي نيڙ ۾، ٽڪل ماڻهو پٿر هڻندا آهن ۽ ائين سمجهندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان اهي انهيءَ ٽڪاوٽ کي، جا اهي پنهنجن جسمن اندر محسوس ڪري رهيا آهن، انهن پٿرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منتقل ڪري رهيا آهن. پوءِ اهي انهن پٿرن ڪي اهڙين جاين تي اڇلائيندا آهن، جي خاص طرح انهيءَ مقصد لاءِ علحده ڪيون ويندیون آهن. دنيا جي مختلف علائقن ۾ اهڙي اعتقاد ۽ رواج پٿرن جي انهن ڏيرن يا ڪائڙين ۽ پنن جي آنهن ڏاڻن ڪي وجود ۾ آندو آهي، جي مسافرن کي رستن جي پاسن ڪان عام طرح نظر ايندا آهن ۽ جن جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ، هر هڪ مقامي راهگير انهن تي ڪن ڪائڙين، پٿرن يا پنن جو اضافو ڪندو ويندو آهي. چنانچه، سالوبئن ۽ بئنڪس ٻيٽن ۾، مقامي باشندن ۾ هيءَ رواج آهي ته اهي ڪنهن به اونهيءَ لاهيءَ يا ڪنهن دشوار گذار رستي وٽ، پاسي واري ڏاڙي تي ڪجهه پٿر، ڪائڙيون يا پن اڇلائيندا ۽ هيٺن چوندا آهن ته "اها ٽي وجهي منهنجي ٽڪاوٽ!" اهو ڪم ڪو مذهبي نوعيت جو ساڻ سوڻ ڪونهي، چو ته ڏاڙي مٿان جيڪا چيز اڇلائي وجي ٽي، سا روحاني طاقتن جي حضور ۾ پيش ڪيل ڪو نذرانو ڪونهي ۽ نه وري ان سان گڏ جيڪي الفاظ ادا ڪيا وڃن ٿا، سي ڪي دعا جا لفظ آهن. اهو ڪم محض ٽڪاوٽ ڪان بچڻ لاءِ جادوءَ جي هڪ ٽوٽي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، چو ته هڪ ساده دل وحشي ائين سمجهي ٿو ته هو پنهنجيءَ ٽڪاوٽ کي ڪائڙيءَ، پٿر يا پن ۾ سمائي پاڻ ڪان دور اڇلائي سگهي ٿو.

۲- **جانورن ڏانهن انتقال:** برائيءَ کي دور ڪڻي وڃڻ يا منتقل ڪرڻ لاءِ جانورن کي عام طرح هڪ وسيلي طور استعمال ڪيو ويندو آهي. *سوئر قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ کي جڏهن مٿي ۾ سور ٿيندو آهي، تڏهن هو ڪنهن ٻکريءَ يا رڍ کي تيسين

* مراقش جي باشندڻ کي يورپي قومون انهيءَ ڪالي سبب سڏيندیون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماريندو رهندو آهي، جيسين اها ڪري پوي، جو تہ سندس اعتقاد آهي تہ سندس مٿي جو سور اهڙيءَ طرح انهيءَ جانور ڏانهن منتقل ٿي ويندو. موراڪو ۾ اڪثر دولتمند سوئر، پنهنجن طبيلن ۾ هڪ جهنگلي سوئر رکندا آهن، تہ جيئن جن ۽ بيا بد ارواح سندس گهوڙن کي نہ وڻن ۽ انهيءَ سوئر طرف رخ رکن. ڏکڻ آفريڪا جي ڪافر قبيلي وارن ۾، جڏهن مريض کي شفايابب ڪرڻ جون ٻيون سڀ تجويزون ۽ ترڪيبون ناڪامياب ثابت ٿينديون آهن، تڏهن "مقامي باشندا بيمار ماڻهوءَ جي سامهون هڪ ٻڪريءَ کي ڪاهي وڃن، ۽ انهيءَ جانور مٿان ٻيهي، سيني ڪوٽ وارن جي گناهن جي اقرار ڪرڻ جي رسم ادا ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مريض جي رت جا چند قطرا جانور جي مٿان ڪيرايا ويندا آهن ۽ ٻوءِ انکي ڪوٽ جي ٻاهران وسيع ميدانن جي ڪنهن غيرآباد علاقي ڏانهن تڙي ڪڍيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سمجهيو ويندو آهي تہ مرض جانور ڏانهن منتقل ٿي ويندو آهي ۽ آخرڪار بيابان ۾ گم ٿي ويندو آهي." عربستان ۾ جڏهن ڪو وبائي مرض ڦهليل هوندو آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن اٺ کي شهر جي سڀني علاقن ۾ ڦيرائيندا آهن تہ جيئن اهو جانور وبا کي پنهنجي سر تي کڻي. ان کان پوءِ اٺ کي ڪنهن مقدس جاءِ ويٺ گهڙو ڏيئي ماريو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ماڻهو سمجهندا آهن تہ انهن هڪ ٿي ڏڪ سان اٺ ۽ وبا کي ماري، پاڻ کي محفوظ ڪري ڇڏيو. جيو وجي ٿو تہ جڏهن ماتا جو مرض ڦهليل هوندو آهي، تڏهن فارموسا جا وحشي قبائل، مرض جي ڀوت کي سوئر جي مادي ڏانهن منتقل ڪندا آهن ۽ انهيءَ جانور جا ڪن وڍي، باهم ۾ ساڙيندا آهن، ڪين يقين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي ته انهيءَ طريقي سان انهن پاڻ کي بيماريءَ کان آجو ڪري ڇڏيو.

مثلاً گاسي قوم وارن وٽ برائن کي دور ڪٽي وڃڻ جي وسيلي کي "فادترا" سڏيو ويندو آهي. "فادترا هر اها شيءَ هوندي آهي، جنهن کي 'اسڪيپي' [تشخيص ڪندڙ مجلس] نقصان رسائيندڙ برائن يا بيمارين کي، جي هڪ فرد جي خوشيءَ، آرام ۽ آسودگيءَ لاءِ مضر ثابت ٿين جهڙيون هجن، دور ڪٽي وڃڻ لاءِ منتخب ڪن. 'فادترا' رک، وڍيل پيسن، رڍ، ڪدوءَ يا ٻيءَ اهڙيءَ شيءَ جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، جنهن کي 'اسڪيپي' ان لاءِ منتخب ڪن. ڪنهن به شيءَ کي انهيءَ حيثيت ۾ مقرر ڪرڻ کان پوءِ، پادري انهيءَ شيءَ مٿان اهڙين سڀني برائن کي شمار ڪري ويندو آهي، جي انهيءَ شخص لاءِ نقصانڪار ثابت ٿين جهڙيون هونديون آهن، جنهن لاءِ انهيءَ شيءَ کي اهڙيءَ طرح مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ جنهن ڪري اهو پادريءَ کي هميشه لاءِ ڪٽي وڃڻ واسطي حڪم ڪندو آهي. جيڪڏهن فادترا رک جي صورت ۾ هوندو آهي ته ان کي ٽوڪ ڏيئي اڏايو ويندو آهي، ته جيئن هوا ان کي پنهنجي ڪلهي تي ڪٽي وڃي. جيڪڏهن اهو وڍيل پٽسن جي صورت ۾ هوندو آهي، ته ان کي ڪنهن اونهيءَ پاڻيءَ جي تري ۾ يا ڪنهن اهڙي هنڌ اڇلايو ويندو آهي، جتان اهو نه لهي سگهي. جيڪڏهن اهو رڍ جي صورت ۾ هوندو آهي، ته ان کي هڪ ماڻهو ڪلهن تي ڪٽي، دور نڪري ويندو آهي، جو ڊوڙڻ ۾ پنهنجي سڄي قوت صرف ڪندو آهي ۽ اڳتي ويندي، ڇڻ ۾ ڦٽ ڦٽ ڪندو آهي، جڏ ته ڪيس فادترا تي، انهن سڀني برائن کي ڪٽي وڃڻ سبب تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت ڪاوڙ آهي. جيڪڏهن اهو ڪنهن هوندو آهي، تہ ان کي ڪلهن تي رکي دور ڪٽي وڃبو آهي، جتي ڪيس سخت ڪاوڙ ۽ غصي جي اظهار سان، زور سان زمين تي اڇلائي، پرزا پرزا ڪيو ويندو آهي." مثلاً ڪاسي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ تشخيص ڪندڙ شخص خبردار ڪيو تہ ڪيس قتل ڪري ماريو ويندو، پر اهو ممڪن هيو تہ هو ڪنهن خاص رسم ادا ڪرڻ سان انهيءَ انجام کان پاڻ کي بچائي ٿي سگهيو. رت سان پريل هڪ برتن ۾ڪنجي مٽي تي ڪٽي، ڪيس ڪنهن ڏاند جي پشت تي سوار ٽيڙو هو، ڏاند مٿان سواريءَ جي دوران ڦر، ڪيس اهو رت ان جي مٽي تي هارڻو هو ۽ ان کان پوءِ ڪيس انهيءَ ڏاند کي اهڙيءَ ويرانيءَ ڏانهن هڪالي ڪيڙو هو، جتان اهو وري واپس نہ اچي سگهي.

سوماترا جي بٽڪ قبيلي وارن وٽ هڪ رسم هوندي آهي، جنهن کي اهي "مصيبت کي اڏاڻي وڃڻ لاءِ آماده ڪرڻ" سڏيندا آهن. جڏهن ڪنهن عورت کي ٻار ڪونہ ٿيندو آهي، تڏهن گاهہ تي ٺهندڙ ٽن جيتن جي ديوتائن کي هڪ قرباني پيش ڪئي ويندي آهي، جي چوپائي جانور جي مسيءَ هڪ سينهن ۽ هڪ گهوڙي جي نمائندگي ڪندا آهن. پوءِ هڪ جهنگلي پرندي کي، هن دعا سان آزاد ڪيو ويندو آهي. تہ اها مصيبت ان مٿان نازل ٿي ۽ سائس گڏ فرار ٿي، اڏامي وڃي. "اهڙي ڪنهن جانور جي گهر اندر داخلا کي، جو عام طرح سان انسان ذات سان گڏ سندس گهر اندر گهاڙڻ کي ناپسند ڪندو آهي، ملايا جا باشندا بد بختيءَ جو شگون سمجهندا آهن. جيڪڏهن کو جهنگلي پکي اڏامي گهر اندر داخل ٿي ٽپو، تہ ڪيس خبرداريءَ سان پڪڙي، تيل ٿڦ گهرجي ۽ بعد ۾ ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليل فضا ۾ آزاد ڇڏي ڏيئ گهرجي ۽ ان وقت هيءَ عمل پڙهڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪيس حڪم ڪيل هوندو آهي تہ هو جاءِ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جي سيني ۾ بدبختين ۽ مصيبتن سميت اڏامي هليو وڃي۔" قديم زماني ۾، معلوم ٿئي ٿو تہ يوناني عورتون انهن جهنگلي پرندن سان، جن کي اهي گهر ۾ اندر قاسائيندا هيون، پڙ سائي روشن اختيار ڪندا هيون ۽ مٿن تيل هاريندا هيون ۽ ڪين هن نيڻت سان پڄائي ڇڏيندا هيون تہ جئين گهر سان مصيبت ۽ بدبختي دور ٿي وڃي۔ ڪارپيٽين رياست جا "هزول" قبيلي وارا سمجهندا آهن تہ اهي پنهنجين شڪلين جي گهنجن ۽ داغن وغيره کي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڏوئڻ ۽ هيئن چوڻ سان تہ "اي نديڙا پکي، منهنجا گهنج وٺ ۽ مونکي گلابي ڳل ڏي"! اهڙي نديڙي جهنگلي پکيءَ کي منتقل ڪري سگهندا، جو ڪين موسم بهار ۾ سيني پکين کان اول ملي۔

ڏکڻ هندستان ۾ نيلگري ٽڪرين ۾ آباد بڏاگا قوم وارن ۾، جڏهن ڪو موت واقع ٿيندو آهي، تڏهن مٿل ماڻهوءَ جا گناهہ پاڏي جي مٿان هنيان۔ ويندا آهن۔ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو مڙدي جي چوڌاري جمع ٿيندا آهن ۽ ڪيس ڳوٺ کان ٻاهر ڪٽي ويندا آهن۔ اتي قبيلي جو هڪ پريو مڙس، جنازي جي منهن کان ٻيهي سندس اهڙن گناهن جي هڪ طويل فهرست پڙهندو يا راڳ وانگر آلاپيندو آهي، جهڙا بڏاگا قوم جي ڪنهن فرد کان سرزد ٿي سگهن ٿا ۽ جمع ٿيل ماڻهو هر هڪ ست جا آخرين الفاظ اُن جي پٺيان دهرائيندا رهندا آهن۔ گناهن جو اقرار ٽي دفعا ڪيو ويندو آهي۔ "عام طور تسليم ٿيل اظهار جي نموني مطابق، هڪ ماڻهو جيڪي گناهہ ڪري سگهي ٿو، تن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجموعي تعداد تيرهن سو چيو وڃي ٿو. هيءَ حقيقت تسليم ڪندي، ته مرحوم اهي سڀ گناهه ڪيا هٿا، قبيلي جو اهو پريو مڙس زوردار آواز ۾ چوندو آهي، 'خدا جي مقدس قدمن ڏانهن وڃڻ کان ان جي پرواز کي نه روڪ!' جئين ٻڌي اهو ائين چئي بس ڪندو آهي، تئين مجمع ۾ شريڪ ماڻهو گڏجي آلا پيندا آهن، 'انهن جو پرواز نه روڪ!' وري اهو اداڪار تفصيلن ۾ اچي پوندو آهي ۽ واکو ڪري چوندو آهي، ته "هن رڙهندڙ نانگ کي ماريو هو، ۽ اهو هڪ گناهه آهي،' هڪ لحظي اندر پوئين لفظ کي ماڻهو وڏي دهراٿيندا آهن، 'اهو گناهه هڪ آهي،' جئين ماڻهو زور زور سان اهي الفاظ دهراٿيندا آهن، تئين اداڪار پاڏي تي هٿ رکندو آهي ۽ گناهه انهيءَ دم پاڏي ڏانهن منتقل ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح، گناهن جي سڃيءَ فهرست کي هڪ هڪ ڪري اڻڙي باوقار طريقي سان پورو ڪيو ويندو آهي. پر فقط اها ڳالهه ڪافي ناهي. جئين ئي آخرين آواز "شل سڀ ڪنهن جو خير ٿئي" بند ٿيڻ وارو هوندو آهي، تئين ئي پهرين اداڪار جي جاءِ ٻيو اچي وٺندو آهي، جنهن کان پوءِ وري پيهر گناهن جو اقرار ڪيو ويندو آهي ۽ سيئي ڇٽا گڏجي زور سان چوندا آهن 'اهو هڪ گناه آهي'. وري ٽيون دفعو ائين ڪيو ويندو آهي. پوءِ اڃا به تمام سنجيده خاموشيءَ ۾ پاڏي کي ڪولي آزاد ڪيو ويندو آهي. يهودين جي گناهن جي بوجي ڪٽڻ واريءَ *ٻڪريءَ وانگر، ان کي ڪنهن به غير مذهبي ڪم

* عبراني مذهب وارن جي مذهبي رسمن مطابق، هڪ ٻڪريءَ کي ويرانيءَ ڏانهن هڪالي ڪيو ويندو هو، جنهن جي ڪلهن تي سڃيءَ قوم جي گناهن جو بوجو هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ استعمال ڪرڻ ڪيو ويندو هو." ٻڌاڳا قبيلي وارن جي هڪ جنازي جي رسمن جي جيڪا ادائگي محترم اي-سي-ڪليٽن پنهنجين اکين سان ڏٺي هئي، تنهن ۾ مينهن جي پاڏي ڪي مٿل ماٺهوءَ جي ڇڪيا جي چوڌاري ٽي دفعا ڦيرايون ڏياريون ويئون ۽ مٿل ماٺهوءَ جو هٿ ان جي مٿي تي رکيو ويو. "انهيءَ طريقي سان ائين سمجهيو ويندو هو ته اهو پاڏو مٿل ماٺهوءَ جا سڀ گناه پنهنجي مٿان هموار ڪري ٿو. پوءِ ان ڪي تمام دور هڪالي ڪڍيو ويندو هو، ته جيئن ٻئي ڪنهن ماٺهوءَ سان لڳي نه ڪيس انهن گناهن سان آلوده نه ڪري. ائين به ڇيو ويندو هو ته ان ڪي ڪڍهن به فروخت نه ڪيو ويندو هو، پر ڪيس تصدق ٽيل هڪ مقدس جانور جي حيثيت ۾ ڏئو ويندو هو." "انهيءَ رسم جو نظريو هيءَ آهي ته مٿل ماٺهوءَ جا گناه پاڏي ۾ گهڙي وڃن ٿا يا سندس گناهن جي معافيءَ وٺڻ جو ڪم ان جي ڪلهن تي رکيو وڃي ٿو. چوندا آهن ته پاڏو تمام جلد غائب ٿي ويندو آهي ۽ وري ڪڍهن به سندس نالو ڪوبه ٻڌو ويندو آهي."

۳- **ماڻهن ڏانهن انتقال :** وري، ڪڍهن ڪڍهن ماٺهو ٻين جي گناهن جو رخ پاڻ ڏانهن موڙي، جي انهن لاءِ خطري جو باعث هوندا آهن، ٻين جي گناهن جي بوجي ڪٽڻ واري پڪري جو ڪردار ادا ڪندا آهن. جڏهن سنگهالي قوم جو ڪوئي ماڻهو خطرناڪ بيماريءَ ۾ مبتلا هوندو آهي ۽ حڪيم ۽ ويج لاچار ٿي پوندا آهن، تڏهن هڪ پوت-ناچوءَ کي ڪوٺيو ويندو آهي، جو پوتن کي نذرانو پيش ڪري، ۽ انهن پوتن جي شڪلين مطابق نقاب پائي، نچندي، نچندي، بيماريءَ جي انهن پوتن کي هڪ ٻئي ٻٽيان لالچائي، مريض جي جسم مان باهر ڪڍي، پنهنجي بدن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ڪندو آهي. مرض جي اصلي سبب کي اهڙيءَ طرح ڪاميابيءَ سان ٻاهر ڪيڻ کان پوءِ، اهو حرفتي ناڇو پاڻ وڃي چڪيا تي سمهندو ۽ مرڻ جو ڏونگ ڪندو آهي. جنهن تي ڪيس ڪوٽ کان ٻاهر هڪ وسيع ميدان ۾ ڪٿي آندو ويندو آهي، اتي پهچڻ کان پوءِ، جڏهن ڪيس اڪيلو ڇڏي ڏنو ويندو آهي، تڏهن هو تمام جلد وري جيئرو ٿي ٻوندو آهي ۽ تيزيءَ سان واپس اچي، پنهنجي انعام جي طلب ڪندو آهي. سنہ ۱۹۰۰ع ۾ اُڻڳنيس سڀپسن نالي هڪ اسڪاٽ ڊاڪٽر کي رابرٽ ڪرس نالي هڪ شخص جي اهڙيءَ بيماريءَ کي ڇٽائڻ جي الزام هيٺ سزا ڏني ويئي هئي. "جا هن کي ويرانيءَ ۾ رهندڙ هڪ جادوگر ان-وقت ڇنبڙائي هئي، جڏهن اهو ماڻهو ڊيفرائيز شهر ۾ هو، اها بيماري هن پنهنجي سر تي هموار ڪئي ۽ ان کي وڏي عذاب سان دانهون ڪندي صبح تائين پاڻوٽ رکيو ۽ انهيءَ وقت گهرجي اندران وڏو شور ۽ گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ آيو." اهو شور خود اُها ڊاڪٽر، نئين حاصل ڪيل بيماريءَ کي ڪڍڻ ذريعي پاڻ کان ڪنهن ڪتي يا ٻلي ڊاڪٽر منتقل ڪندي، ڪري رهي هئي. بدقسمتيءَ سان سندس اها ڪوشش جزوي طور ناڪامياب ٿي ٻيئي. بيماري جانور کان گڏي ويئي ۽ ڊالڪيٽ جي باشندي اليگزينڊر ڊگلس کي وڃي لڳي، جو انهيءَ بيماريءَ ۾ ڇڙي ڇڙي مري ويو ۽ اصلوڪو مريض، رابرٽ ڪرس تندرست ۽ توانو ٿي ٻيو.

نيوزيلنڊ جي هڪ علاقي ۾ گناهن لاءِ توبه تائب ٿيڻ ضروري سمجهيو ويندو هو، هڪ ماڻهوءَ جي جنازي نماز ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن جي ذريعي اڻين سمجهيو ويندو هو ته سڄيءَ قوم جا گناه ان ڊاڪٽر منتقل ٿيڻ ويندا. سندس جسم سان هڪ جهنگلي ٻوٽي جو ڪانو اڇوات ٿي ٻڌو ويندو هو، جنهن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو درياهِ ۾ ڇڏيو ڏيندو هو، جتي ان کي ڪولي ڇڏي ڏيندو هو، تہ اهو لڙهي سمنڊ ڏانهن هليو وڃي ۽ قوم جا گناه پاڻ سان گڏ کڻي وڃي". تمام هنگامي حالتن ۾، منيپور جي راجا جا گناه ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن منتقل ڪيا ويندا هئا، جو گهٽو ڪري ڪو ڏوهاري هوندو هو، جو راجا جي پاران سندس گناهن جو بوجو کڻي، معافي حاصل ڪندو هو. گناهن جي انتقال لاءِ راجا ۽ سندس راڻي، سنهڙا ڪپڙا پائي، بازار ۾ اڏيل قاهيءَ تي ويهي وهنجندا هئا ۽ اهو ڏوهاري ان جي هيٺان ليٽي پوندو هو. پاڻيءَ جي انهن قطرن سان گڏ و گڏ، جي بادشاهه ۽ راڻيءَ جي جسمن تان هيٺ ڪري انهيءَ ماڻهوءَ تي پوندا هئا، سندن گناه ۽ ڏوهي انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن منتقل ٿي ويندا هئا. انتقال کي مڪمل ڪرڻ لاءِ راجا ۽ راڻي اهي خوبصورت ڪپڙا لاهي پنهنجي نمائندي کي ڏيندا هئا ۽ اهي پاڻ ٻيا نوان ڪپڙا پائي، شام تائين عام ماڻهن سان ملندا رهندا هئا. تراونڪور ۾، جڏهن ڪو راجا قريب المرگ هوندو آهي، تڏهن سندس ماڻهو اهڙي ڪنهن مقدس برهمڻ کي گهولي ڪيندا آهن، جو ڏهن هزارن ريين جي عوض مرندڙ ماڻهوءَ جي گناهن جو بار پنهنجي مٿان کڻڻ لاءِ راضي هوندو آهي. فرض جي قربانگاه تي جڏهن ڪو برهمڻ پاڻ کي اهڙيءَ طرح قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪيندو آهي، تڏهن انهيءَ ساڌوءَ کي سوت جي ڪمري اندر آندو ويندو آهي، جتي اهو مرندڙ راجا کي زوردار پاڪر پائي چوندو آهي، تہ "اي راجا! آءٌ تنهنجي سڀني گناهن ۽ بيمارين کي پاڻ تي هموار ڪرڻ لاءِ پاڻ کي بدل رکان ٿو. شل تون، اي اعليٰ رتبيٰ وارا، وڏي جمار ماڻين ۽ گهڻي عرصي تائين راج ڪرين". بيمار جي گناهن کي اهڙيءَ طرح پنهنجي سر تي کڻڻ کان پوءِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برهمڻ کي ملڪ بدر ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس وري ڪڍڻ بہ واپس اچڻ جي اجازت ڪانہ ڏني ويندي آهي. ترڪستان ۾ آچ ڪورگان ۽ت مسٽر شيولر هڪ اهڙو پيرمرد ڏٺو جنهن لاءِ چيو پئي ويو تہ هو مثل ماڻهن جي گناهن جو بار پنهنجي مٿان کڻڻ ذريعي گذران ڪندو هو ۽ پوءِ انهن موٽن جي روحن جي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ باقي سڄي عمر عبادت ۾ صرف ڪندو هو.

يوگنڊا ۾ جڏهن ڪو لشڪر جنگ تان واپس موٽندو هو ۽ ديوتائون پنهنجن غيبي آوازن ذريعي بادشاهہ کي چتاءِ ڏيندا هئا تہ سندس سپاهين کي برائي ڇهڻي آئي آهي. تڏهن اهو رواج هوندو هو تہ قيدين مان هڪ ماڻهو چونڊي ڪڍي ويندي هئي، جنهن سان گڏ، مال غنيمت ۾ آيل هڪ ڳئون۽ هڪ پکيءَ ۽ هڪ ڪتي کي زبردست پهري هيٺ انهيءَ ملڪ جي سرحدن ڏانهن واپس موڪليو ويندو هو، جتان اهي آيا هوندا هئا. آڻي انهن جا عضوا ٽوڙيا ويندا هئا ۽ کين مرڻ لاءِ اڻي ڇڏيو ويندو هو، جو تہ انهن کي ايتري قدر لولو ۽ لنگڑو ڪري ڇڏيو ويندو هو، جو اهي واپس يوگنڊا ڏانهن وڃي نہ سگهندا هئا. هن خاطريءَ ڪرڻ لاءِ، تہ برائي انهن نمائندن ڏانهن برابر منتقل ٿي ويئي آهي، ماڻهن ۽ چوپاين جانورن کي گاه جي سڃن سان مهٽيو ويندو هو ۽ اهي سڃا انهن جانورن ۽ انهيءَ پاڻهيءَ کي ٻڌا ويندا هئا، جن جا هڏ گڏ ٻڌا ويندا هئا. ان کان پوءِ، لشڪر جي پاڪ ۽ صاف ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويندو هو ۽ ان کي دارالحڪومت ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي. اهڙيءَ طرح، يوگنڊا جو نئون بادشاهہ پنهنجي تخت نشينيءَ وقت هڪ ماڻهوءَ کي زخمي ڪندو هو ۽ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گناهه بردار عيوضيءَ جي حيثيت ۾ ٻيورو ڏانهن موڪليندو هو، تہ جيئن اهو هر اهڙيءَ ناپاڪائيءَ کي پاڻ سان گڏ کڻي هليو وڃي، جا بادشاهه يا سندس راڻيءَ کي چهٽيل هجي.

۴- **يورپ اندر برائيءَ جو انتقال:** برائيءَ جي انتقال جا هن وقت تائين جيڪي مثال پيش ڪيا ويا آهن، سي زياده تر وحشي يا اڻ سڌريل قومن جي رسمن مان ڪڍيا ويا آهن. پر بيماريءَ، بد نصيبيءَ ۽ گناهه جي بار کي پاڻ تان لاهي، ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور يا ڪنهن شيءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ جون ڪوششون يورپ جي تهذيب يافته قومن ۾ ۽ قديم ۽ جديد، پنهي زمانن ۾ عام جام ٿيندڙيون رهيون آهن. تنهن لاءِ هڪ روسي علاج، بيمار جا نهن وڏي، سيءَ ذريعي پنهنجي پاڙيسريءَ جي دروازي تي صبح ٿيڻ کان اڳ چهٽائي هو. پوءِ تنهن اصلي بيمار کي چڏي، سندس پاڙيسريءَ کي وڃي جهليندو هو. يونانين ۾ ساڳين ٻي ترڪيبن کان ڪم ورتو هوندو، چاڪاڻ تہ هڪ مثالي رياست جا قانون مرتب ڪندي، افلاطون لکي ٿو تہ ماڻهن ۾ هيءَ اميد رکڻ فضول آهي تہ اهي پنهنجن دروازن يا والدين جي قبرن جي پٺرن سان چهٽيل يا رستي جي چوراهن تي پيل سيءَ جا عجيب و غريب مجسما ڏسي نہ ڊڄندا. اسان جي سن جي چوٿينءَ صديءَ ۾، بورڊيو واري سارسيلس، غدودن جي مرض لاءِ هڪ اهڙو علاج دريافت ڪيو هو، جو اڄ تائين يورپ جي مختلف علائقن جي وهمي ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول آهي. توڪي پنهنجا غدود اوترن ئي نندڙن پٺرن سان چهڻ گهرجن، جيترا توڪي غدود هجن، پوءِ انهن پٺرن کي "آڏوي" نالي هڪ ول جي پنن اندر وڌهي، کي عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهراھ تي اڇلايو. جيڪو ماڻهو انهن کي کڻندو، سو غدودن جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويندو ۽ تون انهن کان ڇٽي ويندين. اورکنيءَ جا باشندا، ڪڏهن ڪڏهن بيمار ماڻهوءَ کي وهنجاري غسل وارو پاڻي هن اعتقاد سبب دروازي وٽ هاڻيندا آهن، ته بيماري مريض کي ڇڏي ويندي ۽ جيڪو ماڻهو سيني کان اول آنهيءَ دروازي مان لنگهندو، تنهن کي آهو مرض ولي ويندو. ٻوريا وارن وٽ بخار جو هڪ علاج، ڪاغذ جي ٽڪر تي هي الفاظ لکي ته "اي بخار، دور رهجانءِ، آءٌ گهر اندر موجود ناهيان"، ڪاغذ جي انهيءَ پرزي کي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪيسي ۾ وجهڻ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ٻوٽين ماڻهوءَ کي تپ ٽيندو ۽ آصلي مريض ان کان آجو ٿي ويندو. ساڳئي مرض لاءِ بوهيميا وارن جو هيءَ نسخو آهي: خالي برتن کڻي، "چوراهي ڏانهن وڃ ۽ ان کي اتي ڦٽي ڪري، پڇي وڃ. پهريون شخص، جيڪو آنهيءَ برتن کي ٽوڪر هڻندو، سو بخار ۾ مبتلا ٿي ويندو ۽ تون/ ڇٽو ٿي ويندين.

وحشين وانگر يورپ ۾ به گهٽو ڪري سور يا مرض کي ماڻهوءَ کان جانور ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. قديم زماني جا سنجيده مصنف سفارش ڪندا هئا ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي وڇوڻءَ ڏنگيو هجي، ته آنهيءَ کي گڏهه جي پڇ طرف منهن ڪري مٿس چڙهي ويهڻ گهرجي يا وري ان جي ڪن ۾ آهستي سان هيٺن چوڻ گهرجي ته "مون کي وڇوڻءَ ڏنگيو آهي"؛ ٻنهي حالتن ۾، انهن جو خيال هو، ته سور ماڻهوءَ کان ڦري گڏهه ڏانهن هليو ويندو. مارسيلس اهڙي قسم جا گهٽيئي علاج تحرير ڪيا آهن. مثال طور، هو ٻڌائي ٿو ته ڏندن جي سوروجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺيون علاج آهي: ڪليل آسمان هيٺان ٻير ڪي، ٻيهي هڪ ڏيڏر کي مٿي کان وٺي جهليو، وات ۽ ٽڪ هٺوس، ڪيس سور ڪٽي وڃڻ لاءِ ڇڪو ۽ پوءِ ڇڏي ڏيوس. پر اها رسم ڪنهن نيڪ ساعت ۽ برڪت واري ڏينهن تي ادا ڪرڻ گهرجي. جيشايد ۽ "ائيڪا" يا "ٽرش" نالي بيماريءَ جي حالت ۽ ۽، جنهن ۽ ننڍن ٻارن جي گلي يا وات تي اثر پوندو آهي، گهٽو ڪري ساڳئي قسم جو علاج ڪيو ويندو آهي. هڪ ننڍڙو ڏيڏر کڻي، سندس وات ٿوري وقت تائين انهيءَ ٻار جي وات اندر جهليو ويندو آهي، جنهن جي بيماريءَ کي پاڻ ڏانهن کڻي، ڪيس شفايابَ ڪرڻو هوندو آهي. "آءٌ توکي خاطري ٿي ڏيان،" هڪ پوڙهيءَ عورت چيو، جنهن اهڙن گهٽن علاجن جي نگراني ڪئي هئي، "اسين ويچاري ڏيڏر کي بعد ۽ گهٽن ڏينهن تائين موتمار نموني ۽ ڪنگهندو ٻڌنديون هيونسين، تون انهيءَ ويچاري جاندار کي باغ جي آس پاس ڪنگهندو ٻڌين ها، ته جيڪر تنهنجي دل ڦاٽي پوي ها." ناردهئمٽن شاير، ڊيوون شاير ۽ ويلس ۽ ڪنگهه جو علاج هيئن ڪيو ويندو آهي، جو بيمار ماڻهوءَ جو هڪ وار ڪٽي، ان کي مکڻ لڳل روٽيءَ جي ٻن ڦاڪن جي وچ ۽ رکيو ويندو آهي ۽ بعد ۽ روٽيءَ جون اهي ٻئي ڦاڪون کٽي کي کائڻ لاءِ ڏنيون ويندیون آهن. ائين ڪرڻ سان کٽي کي ڪنگهه وٺندي ويندي ۽ بيمار ماڻهو شفايابَ ٿي پوندو. ڪڏهن ڪڏهن بيماريءَ کي جانور ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ان سان گڏ ويهي کاڏو کائيندو آهي. چنانچه، اولڊينبرگ ۽، جيڪڏهن توکي تپ آهي، ته پوءِ تون مٿي کير سان پريل ٿالهي کٽي جي اڳيان رک ۽ کيس هيئن چئُ ته "اي کٽا، شل چگو نصيب ٿئي ئي! شل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بيمار ٿئين ۽ آءٌ خوش ٿيان!" پوءِ جڏهن ڪتو ٽوروڪير لڳي وڃي، تڏهن وري تون ان سان ڪجهه سرڪيون پر، ۽ وري ٻ ڪتي کي ڪير لڳئ گهرجي ۽ بعد ۾ وري تون سرڪيون پر، ۽ جڏهن تون ۽ ڪتي ٽيون دفعو ائين ڪيو هوندو، تڏهن تپ ڪتي ڏانهن هليو ويندو ۽ تون ان کان آجو ۽ آزاد ٿي پوندين.

بوهيميا وارن وٽ تپ جو هڪ هيءٌ علاج آهي ته صبح نمودار ٿيڻ کان اڳ ٻيلي ۾ وڃجي ۽ پکيءَ جو آکيرو گولجي. جڏهن ان جو آکيرو گولي ڪيو، تڏهن ان سان پکيءَ جو هڪ ننڍو ٻچو ٻاهر ڪيو ۽ ان کي تن ڏينهن تائين ٻاڻ وٽ رکو. ان کان پوءِ ٻيلي ڏانهن واپس وڃو ۽ پکيءَ کي آزاد ڪري ڇڏي ڏيو. بس، تپ اوهان کي هڪ دم ڇڏي ويندو، جو پکي ان کي ٻاڻ سان گڏ کڻي ويو. ساڳيءَ ريت ويڏن واري زماني ۾ قديم دور جاهندو سلهه جي مرض کي نيلي ڇانهن پکيءَ سان گڏ موڪليندا هئا. اهي هيٺن چوندا هئا ته "اي سلهه، آڏامي وڃ، آڏامي وڃ، نيلي ڇانهن سان! طوفان ۽ گرد باد جي سجنونانم لهرن سان، اوه، گم ٿي وڃ!" ويلس ۾، لئنڊيگلا جي ڪوٽ ۾، سينٽ ٽيڪلا نالي هڪ ڪنواريءَ شهيد جي نالي ۾ هڪ ديول اڃڻ ٽيل آهيٰ، جتي مغز جي ڦيريءَ سبب ڪري پوڻ جي مرض جو، انهيءَ مرض کي هڪ پکيءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ ذريعي، علاج ڪيو ويندو آهي يا ڪجهه زمانو اڳ تائين، اهڙو علاج ڪيو ويندو هو. مريض سڀ کان اول پاسي واري مقدس ڪوهه جي ٻاڻيءَ سان پنهنجا سڀ عضوا ڏوئيندو هو، ۽ ان ۾ چار پينس نذراني طور اڇلائيندو هو، ٽي دفعا ڪوهه جي چوڌاري چڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائيندو هو ۽ ٽي دفعا "مالڪ کي دعا" جو ورد ڪندو هو. پوءِ انهيءَ پکيءَ کي، جو مريض جي جنس مطابق ڪڪڙ يا ڪُڪڙ هوندو هو، ٽوڪري ۾ وجهي پهريائين ڪوهه ۽ پوءِ ديول جي چوڌاري ڦيرايو ويندو هو. پوءِ مريض ديول اندر داخل ٿيندو هو ۽ پره ڦٽيءَ تائين انهيءَ ميز جي هيٺان ليٽيو پيو هوندو هو، جنهن تي پادري ٻيهي، پنهنجن پوئلڳن کي تلقين ڪندو هو. ان کان پوءِ، ڇهن پينسن جو نذرانو ڏيئي هليو ويندو هو ۽ پکيءَ کي ديول ۾ چڏي ويندو هو. جيڪڏهن پکي مري ويندو هو ته اڻين سمجهيو ويندو هو ته بيمار مرد يا عورت واري بيماري ان ڏانهن منتقل ٿي ويئي ۽ مريض يا مريضه انهيءَ تڪليف کان ڇٽي ٻيئي. سنه ۱۸۵۵ع تائين ۾ ديول جي پوڙهي منشيءَ کي انهن پکين جي حالت بخوبي ياد هئي، جي انهن دوران پوڻ سبب، جي مريضن طرفان ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا، هيڏانهن هوڏانهن ڦيرڻون کائيندا، ڪرندا وتندا هئا.

ڪن وقتن تي تڪليف ۾ قائل مائهو پنهنجيءَ بيماريءَ يا بد بختيءَ کي ڪنهن بيجان شيءِ ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اٽينس ۾ سينٽ جان دي بٽيسٽ جو هڪ نندو مندر پٿر جي ڪنهن قديم ٽنب جي آڙ ۾ ٽهيل آهي. بخار جا مريض اوڏانهن ويندا آهن ۽ ٽنب جي اندرين پاسي تي ميڻ جي ڏاڳي ڇنڊڻ سان سمجهندا آهن ته اهي پنهنجو بخار انهيءَ ٽنب ڏانهن منتقل ڪن ٿا. مارڪ آف بوئنڊ ينبرگ ۾ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهان کي مغز جي ڦيريءَ جو مرض آهي ته پوءِ اوهان کي اُگهاڙو ٿي، سج لهڻ کان پوءِ فلئڪس جي ٻنيءَ جي چوڌاري ٽي دفعا ڊوڙڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح مغز جي ڦيريءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرض اوهان کي چڏي ، فلئڪس کي وڃي پکڙيندو.

پر يورپ ۾ هرڪسر جي بيماريءَ ۽ مصيبت کي پاڻ کان ڦيرائي جنهن شيءَ ۾ بسا اوقات وڃهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، سا وڻ يا ٻوٽو آهي. بلگيريا وارن وٽ بخار جو علاج، سج اپرڻ وقت بيد جي وڻ جي چوگرد ٽي دفعا ڊوڙڻ ۽ وڏي آواز سان هيئن چوڻ آهي ته "تپ توکي لوڏي وڃهندو ۽ سج مون کي گرمائش پهجائيندو." ڪارپاٿوس نالي هڪ يوناني پٽ جو پادري بيمار ماڻهوءَ جي گردن ۾ ڪاڙهو ڏاڳو ٻڌي چڏيندو آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو بيمار ماڻهوءَ جا دوست ڏاڳي کي سندس گلي مان کولي، جبل تي ڪٽي ويندا آهن ، جتي ان کي هن خيال کان وڻ جي چوڌاري ٻڌندا آهن ته اهڙيءَ طرح بيمار ماڻهوءَ جو تپ وڻ ڏانهن منتقل ٿي ويندو. اٽليءَ جا باشندا ٻ بخار کي وڻ سان ٻڌي، چٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بيمار ماڻهو رات جي وقت پنهنجيءَ ڏائيءَ ڪرائيءَ ۾ ڏاڳو ٻڌندو آهي، جنهن کي اهو ٻئي ڏينهن صبح جو وڃي وڻ تي لٽڪائيندو آهي. عام طور هيئن سمجهيو ويندو آهي ته بخار اهڙيءَ طرح وڻ سان ٻڌجي ويندو ۽ مريض ان کان آجر ٿي ويندو پر ڪيس احتياط ڪري ، انهيءَ وڻ جي پاسي مان وري لنگهڻ نه گهرجي، نه ته بخار پنهنجا بند خلاص ڪري، وري پيهر مٿس وار ڪندو. "فليمش" نسل وارن وٽ سور جو علاج ، صبح جو سوير پراڻي بيد جي ڪنهن وڻ ڏانهن وڃي، سندس ٽارين ۾ ٽي ڳنڍيون ٻڌڻ ۽ هيئن چوڻ آهي : "اي ڪهڻ سال، فردا بخيرا آڻ توکي پنهنجو زڪام ڏيان ٿو! فردا بخير، اي ڪهڻ سال!" پوءِ پٺي ڦيرائي، واپس ڏسڻ کان سواءِ، ڪيس پڇي وڃي گهرجي. سوئينبرگ ۾ جيڪڏهن توکي پاڻ کي وڃ المفاصل جي سور کان آجو ڪرڻو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ توکي نديءَ جمار واري هڪ "فر-وڻ" وٽ وڃي گهرجي ۽ ان جي ڪچڙين شاخن سان هڪ ڳنڍ ڏيئي، هيئن چوڻ گهرجي تہ "اي شاندار 'فر'، شل خدا تنهنجي آڇيان ڪري. آءٌ تو ڏانهن پنهنجي سنڊن جو سور ڪٽي آيو آهيان. آءٌ هتي هڪ ڳنڍ ڏيئي، پنهنجو سور پڏي وڃان ٿو. بقلم فلاڻو، وغيره."

سور کي ماٹهوءَ کان ڦيرائي وڻ کي ڏيڻ جو هڪ هيءَ طريقو ب آهي. بيمار جي نهن جا ڪجهہ ٽڪر وڍيو ۽ سندس ٽنگن جا وار ب وڍيو. شاهہ بلوط وڻ جي ٽڙ ب هڪ سوراخ ڪيو، اهي وار ۽ نهن اُنهيءَ سوراخ ب پريو ۽ سوراخ کي وري بند ڪري مٽائس ڳٽونءَ جي چيٹي جو ليپو ڏيئي چڏيو. جيڪڏهن ان کان پوءِ ٽن مهينن تائين مريض سور کان آجو رهيو، تہ پڪ سمجهڻ گهرجي تہ سور شاهہ بلوط وٽ آهي. جيشايد ب، جيڪڏهن اوهان کي ڪوڙهين کان آجو ٽيٹو آهي، تہ پوءِ اوهان کي پنهنجين اُنهن ڪوڙهين کي فقط گوشت جي هڪ ٽڪري سان مهٽڻو آهي، "انڊس" وڻ جي ٽڙ واري چوڏي ب چير ڪرڻو آهي ۽ گوشت جو اهو ٽڪرو چوڏي جي هيٹان ترڪائي رکڻو آهي. عنقريب ڪوڙهيون هٽ تان غائب ٿي ويندیون، پر جلدئي اهي وڻ جي باهرين تهہ، چوڏي تي سخت ڪوڪن يا چلڙن وانگرنمودار ٿيندیون. هرٿفورڊ شايرب، برڪهئمپسٹيڊ ب، شاهہ بلوط جا ڪجهہ وڻ هوندا هئا، جي سور چٹائڻ لاءِ مشهور هئا. مرض جو وڻ ڏانهن انتقال آسان، پر پٹر درد هوندو هو. بيمار ماٹهوءَ جي وارن جي هڪ ڇڪ شاهہ بلوط وڻ سان بڏي ويندي هئي، پوءِ مريض هڪ زوردار ۽ اوچتي سٹ ڏيئي، پنهنجن وارن ۽ سور کي پنهنجي پٹيان، وڻ وٽ چڏي هليو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چاونجاهون

برائن کي لوڏي ڪڍڻ

۱- پوڻن جو هرجا حاضر هڻڻ: مٿين باب ۾ برائن کي ٻئي ماڻهوءَ ، يا جانور يا ڪنهن شيءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ جي وحشي ماڻهن جي اصول جي سمجهاڻي ڏني ويئي ۽ ان جا کي مثال پيش ڪيا ويا. پر سڄيءَ قوم کي مختلف قسمن جي اهڙين برائن کان نجات ڏيارڻ لاءِ ، جن کان ان کي وقت بوقت تڪليف پئي پهتي آهي، ساڳيءَ نوعيت جا ذريعا اختيار ڪيا ويا آهن. قوم جي مجموعي ڏکن ڏاکڙن کي هڪدم رفع دفع ڪرڻ لاءِ ، جيڪي ڪوششون ڪيون ويئون آهن ، سي ڪنهن به حالت ۾ نادر يا ڏريون ناهن. اڃا اهڙيون ڪوششون گهڻن ملڪن ۾ ڪيون ويئون آهن ۽ آهي وقتي هڻڻ سبب آهستي آهستي فضلي ۽ سالياني نوعيت اختيار ڪري چڪيون آهن.

انساني دل ۽ دماغ جي جنهن ڄاڻي، اهڙين ڪوششن کي آڌاري وجود ۾ آندو آهي، تنهن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي گهڻيءَ محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي. هڪ اهڙي فلسفي جي درميان پهلي ۽ وڏي ٽيڙ سبب، جو فطرت کي شخصيت کان سڏرا ڪري، ڪيس اسان جي حواسن تي پوندڙ اثرن جي هڪ منظم سلسلي جي نامعلوم سبب جي درجي تي لاهي رکيو. اسان پاڻ کي هڪ وحشيءَ جي حالت ۾ نه ٿا وجهي سگهون ، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ساڳيائي اثر غيبي روحن يا روحن جي ڪارگذارين جي صورت
۾ نظر اچن ٿا. گهڻن زمانن کان وڻي، غيبي روحن جو لشکر، جيڪو
ڪنهن وقت اسان کي بلڪل قريب هو، اسان کان جيئن پوءِ تيئن دور
۽ اڃا دور هٽندو رهيو آهي ۽ جنهن کي سائنس جي جادوءَ واريءَ لڪڙيءَ
گهرن مان، ٽيڙل زير زمين ڪوڙيءَ ۽ جهنگلي ولين ۾ وکوڙيل
منارن مان، ويران پيلائي پيچرن ۽ سنسان تلائن ۽ ڏنڊن مان،
انهيءَ قائل ۽ چيريل ڪاري ڪرمان، جو وڃ کي پاڻ منجهان آلٽي
ڪري، اهر ڪيي ٿو ۽ انهن زيادہ خوبصورت ۽ سهڻن ڪرن مان،
جي چانديءَ جهڙي چنڊ جي مٿان وهائي جو ڪ ڪن ٿا، يا
زرين شام کي باهم جهڙن سرخ ۽ ٿرم شعاعن سان سينگارين ٿا،
جلا وطن ڪيو ويو آهي. اهي ارواح آسمان واري پنهنجي آخرين
آماجگاه مان بي نڪري چڪا آهن، جنهن جو سيز گنبذ هيٺر
فقط پارن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن جي نظرن ۾ اهو پڙدو ناهي،
جو فاني انسان جي نظرن کان آسماني دنيا جي شان ۽ شوڪت
کي اوجهل رکي ٿو. هيٺر فقط شاعرن جي خوابن يا بلاغت
جي جذباتي پرواز ۾ انهن روحن جي پسپا ٿيندڙ فوج جي جهنڊن جي
آخرين ڦڙ ڦڙاهٽ جي ڏسن، سندن غيبي برن يا طنز
آميز ٽهڪن، يا دور کان سندن ملڪوتي موسيقيءَ جي جهيڻي
آواز ٻڌڻ جو ڪو موقعو ملي ٿو. پر هڪ وحشيءَ جي نزديڪ
اها گالهه بلڪل مختلف آهي. سندس تخيل ۾ هيءَ دنيا
اڃا تائين انهن پانت پانت جي ۽ رنگ برنگي هستين
سان پري پئي آهي، جن کي زياده سنجيده ۽ گنڀير
نوعيت واري فلسفي بيڪار سمجهي، ڦٽي ڪري چڏيو آهي.
پريون ۽ بد روح، پوت ۽ ديو اڃا تائين سندس چوڌاري، سمهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهم جاگندي، ڦڙ ڦڙاهٽ ڪندا رهن ٿا. هو جيڏانهن ٻ وڃي ٿو، تيڏانهن اهي سندس پيڇو ڪندا رهن ٿا، سندس حواسن کي خيره ڪن ٿا، منجهس گهڙي وڃن ٿا ۽ ڪيس هزارها شرارت آميز ۽ غير فطري طريقن سان ڏسڪائين، ڏيکين ۽ عذاب ڏين ٿا. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي حادثا در پيش اچن ٿا، ڪيس جيڪي نقصان برداشت ڪرڻا پون ٿا ۽ جيڪي سور سهڻا پون ٿا، تن سڀني کي هو، جيڪڏهن ڪن دشمنن جي جادوءَ جو نہ، تہ ٻ اهڙن بدروحن ۽ پوتن جي ڪاوڙ، ڪيني يا قهر جو نتيجو ضرور سمجهي ٿو. سندن دائمي موجودگي ڪيس ٽڪائي ٿي ۽ سندن بيدار حسد هن جي صبر جي پٺماني کي لبريز ڪري ٿو، هو ناقابل اظهار طريقي سان ڪائنن جان ڇڏائڻ جي آرزو رکي ٿو ۽ وقت بوقت مجبور ٿي، جڏهن سندس صبر جو ذخيرو بلڪل ختم ٿي وڃي ٿو، تڏهن هو پنهنجن ستائيندڙن ڏانهن انتهائي غصي جي عالم ۾ متوجه ٿي، انهن جي سڃي ٽولي کي زمين تان هڪالي ڪيڻ، سندن اڏامندڙ ۽ پنيناهٽ ڪندڙ هجوم کان هوا کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو، تہ جئين ڪيس آزاديءَ سان ساهہ ڪڍڻ ۽ بنان ڪنهن هٽ ڇرائڻ جي، ڪم از ڪم ٿوري ئي وقت لاءِ، پنهنجو رستو وڃي وڃڻ جو موقعو ملي وڃي. چنانچہ، اُن ڪري ئي ائين ٿيندو آهي، جو وحشي قومن جي پنهنجين سيني تڪليفن کي هڪ ئي وقت ٻوهاري صاف ڪرڻ جي ڪوشش، آنهن پوتن ۽ بدروحن کي وڏي پيماني تي ڳولي ڪيڻ ۽ کين نيڪالي ڏيڻ جي صورت اختيار ڪندي آهي. اهو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن اهو پنهنجن انهن ستائيندڙن کي پاڻ کان هٽائي دور ڪري سگهن، تہ جيڪر زندگيءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نئون ورق وري پوي، جنهن ۾ هوندا خوشي ۽ معصوميت پريل هجي ۽ اهڙيءَ طرح باغ عدن ۽ قديم شاعرانہ زماني جون ڪهاڻيون ۽ قصا هڪ دفعو وري پيهر سچا ثابت ٿي پون.

۲- **برائيءَ جي وقتي نيڪالي:** ان ڪري اسين سمجهي سگهون ٿا تہ برائيءَ کي صاف ڪرڻ جون اهي عام ڪوششون، جي وحشي وقت بوقت اختيار ڪري ٿو، سي چو، گهٽو ڪري، پوتن ۽ بدروحن جي جبري اخراج جي صورت اختيار ڪن ٿيون. انهن بدروحن کي ئي هڪ وحشي ماڻهو پنهنجين گهٽين، جيڪڏهن زياده‌تر نہ، مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو باعث سمجهي ٿو ۽ هو اهو خيال ڪري ٿو تہ جيڪڏهن هو پاڻ کي فقط انهن جي چنبي کان آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي، تہ هوند هيءَ دنيا سندس رهڻ جي قابل ٿي پوي. هڪ سچيءَ قوم جي مجموعي برائين کي سندن نوڀيت موجب ڏکي ڪيڏ لاءِ عام ماڻهن جي ڪوششن کي ٻن طبقن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو، يعني هڪ آهي ڪوششون، جيڪي غير مادي ۽ غيبي برائين کي ڪيڏ لاءِ ڪيون وڃن ۽ ٻيون آهي، جيڪي ڪنهن مادي وسيلي يا صدقي جي ڪنهن ٻکري جي جسم اندر سمايل برائين کي ٻاهر ڪيڏ لاءِ ڪيون وڃن. پهرينءَ حالت ۾ پوتن جي اخراج کي سڏي يا ڦوري اخراج جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو، پوئينءَ حالت ۾ ان کي اڻ سڏ و يا وسيلي ذريعي اخراج يا صدقي جي ٻکري ذريعي اخراج چئي سگهجي ٿو. اسين پهرينءَ حالت جي مثالن ڏيڻ سان آغاز ڪريون ٿا.

نيوگائنا ۽ نيو برٽن جي درسيان روڪ نالي هڪ ٻيٽ ۾ جڏهن ڪا آفت آئي هوندي آهي، تڏهن اتان جا سڀ ماڻهو گڏجي ڊوڙندا، رڙيون ڪندا، پٽيندا ۽ ڪوڪون ڪندا آهن ۽ شيطان کي اتان ڀڄائي ڪيڏ لاءِ، جو آفت جو اصلي ڪارڻ سمجهيو ويندو آهي، هوا کي لٽيون هڻندا آهن. انهيءَ هنڌ کان وڃي، جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو حادثو پيش آيو هوندو آهي، اهي ڪيس قدم بقدم پٺتي هٽائيندا، سمنڊ ڏانهن ڏوڪيندا ويندا آهن ۽ جڏهن سمنڊ جي ڪناري جي قريب پهچندا آهن، تڏهن آهي ڪيس ٻيٽ کان ٻاهر هڪالي ڪيڻ لاءِ رڙين ۽ ڏکن ۾ اضافو ڪندا آهن. آهو شيطان، گهٽو ڪري سمنڊ يا لوڻين نالي هڪ ٻيٽ ڏانهن ڀڄي ويندو آهي. نيو برٽن جا مقامي ماڻهو بيماريءَ، خشڪسالييءَ، فصلن جي ناڪاميابيءَ ۽ درحقيقت، سڀني آفتن ۽ شامتن کي بد روحن جي اثر ڏانهن منسوب ڪندا آهن. ساڳيءَ طرح، جڏهن ڪن وقتن تي گهٽا ماڻهو بيمار ٿيندا ۽ مرندا آهن، جهڙوڪ سينهوگيءَ جي موسم جي شروعات وقت، تڏهن ضلعي جا سڀ باشندا وٽن جي ٽارين ۽ ڏنڊن سان مسلح ٿي، چانڊوڪيءَ ۾ ٻنين ڏانهن ويندا آهن، جتي اهي صبح ٿيڻ تائين، خوفناڪ دانهون ۽ ڪوڪون ڪندي، ڏرتيءَ تي ڏڪ ۽ پنهنجا پير هڻندا آهن. سندن اعتقاد آهي ته اهڙيءَ طرح اهي شيطان کي پڄائي ڇڏين ٿا ۽ ساڳي ئي مقصد لاءِ اهي برندڙ مشعلون هٿن ۾ ڪٽي ڪوٽ جي رستن ۽ گهٽين وچان ڏوڪيندا ۽ ڊوڙندا ويندا آهن. نيوڪئلڊونيا جا مقامي ماڻهو سمجهندا آهن ته سڀئي بد بختيون هڪ طاقتور ۽ بد نيت روح جون پيدا وار ٿين ٿيون، ان ڪري اهي ڪائنس نجات حاصل ڪرڻ لاءِ، وقت بوقت هڪ وڏي ڪڏ ڪونيندا آهن، جنهن جي چوڌاري سڄو قبيلو اچي جمع ٿيندو آهي. شيطان کي بد دعائن ڏيڻ کان پوءِ، اهي ڪڏ کي مٽيءَ سان پوريندا آهن ۽ وڏا واڪا ڪندي، ڪڏ جي مٿان ٻيهي، ڪيس لتاڙيندا آهن. انهيءَ کي اهي بد روح کي دفن ڪرڻ سڏيندا آهن. مرڪزي آسٽريليا جي ديئري قبيلي وارن ۾، جڏهن ڪا موتمار بيماري اچي سنهن ڪيڻ ندي آهي، تڏهن انهن جلسياٿا ۽ ويج "ڪوڻچي" يا شيطان کي قبيلي جي چانوٽيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندرين ۽ باهرين زمين کي "ڪئنگرو" نالي هڪ جانور جي گاهم سان پريل پچ سان ڏڪ هٽي، ڏکي باهر ڪيندا آهن، تانجو اهي شيطان کي پنهنجي چانوٽي ڪان ڪافي دور پهچائي ايندا آهن.

جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ مسلسل مصيبتون ۽ شامتون يا ڪا سخت وچڙندڙ بيماري آئي هوندي آهي، تڏهن سيليبس جي مناهسا ڳوٺ جا رهاڪو انهن جو الزام آنهن شيطانن جي گردن تي مڙهيندا آهن، جن سان ڳوٺ ۾ پريو پيو هوندو آهي ۽ جن کي اتان نيڪالي ڏيڻ تمام ضروري هوندي آهي. چنانچہ هڪ ڏينهن صبح جو تمام سوير سيئي ماڻهو، مرد، زالون ۽ ٻار گهر جو سڄو سامان پاڻ سان کڻي، گهر ڇڏيندا آهن ۽ عارضي جهوپڙين ۾ وڃي رهندا آهن، جي ڳوٺ کان ٻاهر خاص طور اڏيون ويندیون آهن. آتي، اهي گهٽا ڏينهن رهندا آهن ۽ آخرين رسم ادا ڪرڻ جو انتظار ڪندي، قربانيون پيش ڪندا رهندا آهن. آخرڪار سيئي مرد، جن سان ڪن کي نقاب پيل هوندا آهن، ڪن جون شڪليون سياه ٽيل هوندیون آهن، وغيره، ۾ جي سيئي تارين، بندوقن، پالن يا ٻوهارن سان مسلح هوندا آهن، آهستي آهستي ۽ چوريءَ ويران ڪيل ڳوٺ ڏانهن ويندا آهن.

ٻوءِ پادريءَ جي اشاري تي، سيئي ماڻهو هڪ ئي وقت گهٽين ۾، گهرن اندر ۽ آنهن جي هيٺان (جو تہ اهي زمين کان ستي ٽلهن تي بيٺل هوندا آهن) ڏاڍي غصي سان ونڊي ڏوڙندا آهن ۽ انهيءَ دوران ۾ ڪاوڙ وچان رڙيون ۽ دانهون ڪندا آهن ۽ پوتن ۽ شيطانن کي هڪالي ڪيڻ لاءِ پتين، دروازن ۽ درين کي ڏڪ هڻندا ويندا آهن. ٻوءِ، پادري ۽ باقي ٻيا ماڻهو مقدس باهم کڻي ايندا آهن، جا هٽ ۾ جهلي، آهي هر هڪ گهر جي چوڌاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيوَ دفعا ۽ هر هڪ گهر جي ڊاڪٽ جي چوڌاري ٽي دفعا چڪر ڏيندا آهن. پوءِ اها باهر بورچيخاني ۾ ڪٽي ويندا آهن، جتي اُن کي مسلسل ٽن ڏينهن تائين لازمي طور پاري رکندا آهن. بس، پوءِ شيطان ڀڄي ويندا آهن ۽ هر طرف شادمانان هوندا آهن.

هالماهيرا جا آلفور نسل جا رهاڪو وڇڙندڙ بيمارين کي هڪ اهڙي شيطان ڊاڻهن منسوب ڪندا آهن، جو انهن کي ڪٽي وڃڻ لاءِ ٻئي ڳوٺ کان وڃڻ ايندو آهي. ان ڪري، ڳوٺ کي بيماريءَ کان نجات ڏيارڻ لاءِ، جادوگر انهيءَ شيطان کي هڪالي باهر ڪيندو آهي. سيني ڳوٺاڻن کان هو هڪ هڪ قيمتي ڪپڙو وٺندو آهي ۽ ان کي چئن برتنن سٽان رکندو آهي، جن کي اهو پيلي ڊاڻهن ڪٽي ويندو آهي ۽ انهيءَ جاءِ تي ڇڏي ايندو آهي، جتي اهو شيطان کي موجود سمجهندو آهي. پوءِ هو طنز آميز الفاظ ۾ شيطان کي اها جاءِ ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏيندو آهي. نيوگائنا جي ڏکڻ - اولهه ۾ واقع، "ڪِي" نالي ٻيٽ ۾ بدروحن جي، جيڪي سئل ماڻهن جي روحن کان بلڪل مختلف هوندا آهن، هڪ وڏي فوج هوندي آهي. ذري گهٽ هر هڪ وڻ ۽ هر هڪ غار انهن شيطانن سان ڪنهن نہ ڪنهن جو قيام گاهه هوندي آهي ۽ اهي سيئي اهڙا تہ زود رنج هوندا آهن، جو ٽوريءَ کاوڙ ڏيارڻ تي باهر آڏامي اچڻ لاءِ آماده رهندا آهن. اُهي بيمارين ۽ مصيبتون موڪلي پنهنجيءَ ناراضگيءَ جو اظهار ڪندا آهن. چنانچہ، عام مصيبت جي وقت تي، جيئن تہ جڏهن ڪو وڇڙندڙ مرض ڦهليل هوندو آهي ۽ ٻيا سڀ علاج بيڪار ثابت ٿيا هوندا آهن، تڏهن سيئي ماڻهو گڏجي پادريءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ ڳوٺ کان باهر ڪجهه فاصلي تي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ ڏانهن ويندا آهن. اتي پهچي، اهي سڄ غروب ٿيڻ مهل ۾ لکڙا زمين ۾ کوڙيندا آهن، جن جي مٿان هڪ لکڙو سڌو رکندا آهن، جنهن کي جانورن جون ٽيلهيون، گول قرندڙ توبون، گهنڊ، ڪنگڻ وغيره ٻڌندا آهن. پوءِ، جڏهن هرهڪ ماڻهو اچي لکڙن وٽ بيهندو آهي ۽ موت جهڙي خاموشي طاري ٿي ويندي آهي تڏهن پادري پنهنجو آواز بلند ڪري، روحن کي سندن ٿي پوليءَ ۾ هن طرح مخاطب ٿيندو آهي: "هو! هو! هو! اي اوهين بد ارواح، جيڪي وڻ ۾ مقيم آهيو! اي اوهين بد ارواح، جيڪي ڪڏن کوپن ۽ غارن اندر رهو ٿا! اسين هي قرندڙ گهرندڙ توبون ۽ گهنڊ وغيره اوهان کي ڏيئي ويون ٿا. بيماري ختم ٿيڻ گهرجي ۽ ايڏا سارا ماڻهو انهيءَ وگهي نه مرڻ گهرجن." پوءِ هرهڪ ڇٽو پنهنجي پنهنجي گهر طرف ايتريءَ تيزيءَ سان پڇندو آهي، جيتري سندن ٽنگن ۾ طاقت هوندي آهي.

نياس ٻيٽ ۾، جڏهن کو ماڻهو سخت بيمار ٿيندو آهي ۽ کيس صحتياب ڪرڻ لاءِ ٻيا سڀ علاج بيڪار ثابت ٿيندا آهن، تڏهن آتان جو جادوگر انهيءَ شيطان کي هڪالي ڪيڻ لاءِ، جو انهيءَ بيماريءَ جو سبب هوندو آهي، چند رسمون ادا ڪرڻ جو جتن ڪندو آهي. بيمار جي گهر جي سامهون هڪ لکڙو کوڙيو ويندو آهي، جنهن جي چوٽيءَ سان ڪجيءَ سان وڻيل هڪ رسو ٽنگائي، گهر جي ڇت سان ٻڌو ويندو آهي. پوءِ جادوگر هڪ سوئر کي ساڻ وٺي، انهيءَ گهر جي ڇت تي چڙهي ويندو آهي، جتي اهو کيس ذبح ڪري، هيٺ ترڪائي زمين تي اڇلائي ڇڏيندو آهي. شيطان، جو سوئر کي حاصل ڪرڻ لاءِ آتو هوندو آهي، سو ڪجيءَ جي پٺن مان ٺهيل رسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي هڪ دم هيٺ لهي آيندو آهي ۽ انهيءَ وچ ۾ جادوگر هڪ نيڪ روح کي گهرائي وٺندو آهي، جو ڪيس واپس مٿي چڙهڻ کان روڪي ٻيهاريندو آهي. جيڪڏهن اهو علاج ناڪامياب ثابت ٿيندو آهي، تہ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ گهر اندر اڃا کي پيا ۽ شيطان موجود آهن. ان کري، انهن جو عام شڪار ڪيو ويندو آهي. گهر جا سڀ دروازا ۽ دريون، سواءِ هڪ چت واريءَ سڌيءَ دريءَ جي، بند ڪيون ويندیون آهن. مرد، گهر اندر بند هوندا آهن ۽ گهنڊن ۽ دهلن جي سليل آوازن ۽ پنهنجي ساڃي ۽ ڪاپي ترارين سان هوا کي ڏڪ هٽندا آهن. انهيءَ اوچتي حملي کان خائف ٿي، سڀ شيطان چت واريءَ دريءَ وچان ترڪي نڪرندا آهن ۽ ڪجيءَ واريءَ رسيءَ ذريعي هيٺ لهي، ڇڄ پائي وڃي پڄندا آهن. جيئن تہ چت واريءَ دريءَ کان سواءِ، گهر جون ٻيون سڀ دريون ۽ در بند هوندا آهن، ان کري اهي گهر اندر واپس ڪونہ وڃي سگهندا آهن. وڇرندڙ بيماريءَ جي حالت ۾ ٻ دستور ساڳيوئي هوندو آهي. ڪوٺ جا سڀ دروازا، هڪ کان علاوه، بند ڪيا ويندا آهن. سيئي ماڻهو بلند آواز ڪندا آهن. ڪوٺ اندر جيڪي ٻ گهنڊ ۽ دهل موجود هوندا آهن، سي سڀ وڄايا ويندا آهن ۽ سڀ تراريون هڪ ٻي وقت هلايون ويندیون آهن. اهڙيءَ طرح، شيطانن کي ڏڪي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي ۽ مڪانئن آخرين دروازو ٻ بند ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ، آڻن ڏينهن تائين سڄو ڪوٺ گهيري جهڙيءَ حالت ۾ هوندو آهي ۽ ڪوبہ آن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪندو آهي.

برما جي ڪنهن ڪوٺ ۾، جڏهن هيضي جي بيماري ڦهليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي آهي، تڏهن ڳوٺ جا سڀ تندرست ۽ توانا ماڻهو چٽين تي چڙهي ويندا آهن ۽ آهي چتا ٽي، بانس جي لکڑن ۽ ڪائيءَ جي ڏنڊن سان هرطرف ڏڪ هٽندا آهن ۽ باقي بيا ماڻهو، پوڙها ۽ جوان، هيٺ بيهي دهل ۽ توتارا وڄائيندا آهن، رڙيون ۽ ڪيڪون ڪندا آهن، فرشن، ديوارين، ٿين جي ٽالهين، ۽ اهڙين سيني شين کي ڏڪ هٽندا آهن، جن مان گوڙ، گهمسان ۽ شور وغل برپا ٿئي. اهو هل هنگامو، جو مسلسل ٽن راتين تائين جاري رکيو ويندو آهي، هيضي جي پوتن کي پڄائي ڪيڏ لاءِ ڏاڍو اثرائتو ۽ ڪارگر هٿيار سمجهيو ويندو آهي. ڏکڻ اوپر هندستان جي "ڪومي" قوم وارن وٽ ماتا جي بيماريءَ جڏهن سپ ڪان پهريائين اچي منهن ڪڍيو، تڏهن انهن سمجهيو ته آهو آراڪان طرفان آيل ڪو شيطان هو. ڳوٺن کي گهيري جهڙيءَ حالت ۾ رکيو ويو ۽ ڪنهن کي به انهن ۾ داخل ٿيڻ ۽ منجهائڻ باهر نڪرڻ جي اجازت ڪانه ڏني ويئي. هڪ پولڙي کي زمين تي سڏي، ماريو ويو ۽ سندس لاش کي ڳوٺ جي صدر دروازي تي لٽڪايو ويو. سندس رت کي درياهه جي نديڙين پٽرين سان ملائي، گهرن متان چڙڪايو ويو، هرهڪ گهر جي چانٽ کي پولڙي جي پڇ سان ٻوهاريو ويو ۽ شيطان کي اتان نڪري وڃڻ لاءِ منٽون ميڙون ڪيون ويئون.

اولهه آفريڪا جي گولڊ ڪوسٽ تي، جڏهن ڪا متعدي بيماري ڦهليل هوندي آهي، تڏهن بد روحن کي دور پڄائي ڪيڏ لاءِ ڪن ڪن وقتن تي ماڻهو ڏنڊن ۽ مشعلن سان مسلح ٿي باهرنڪري پوندا آهن. مقرر ٽيل اشاري ملهه تي سيئي ماڻهو خوفناڪ رڙيون ڪندا، گهرن جي سيني ڪنڊن ڪڙڇن ۾ ڏڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿندا آهن ۽ پوءِ پاڳلن وانگر گهٽين ڏانهن ڏوڪي ايندا آهن، جتي اهي مشعلن کي پوائتي نموني سان لوڏائيندا ۽ خالي هوا ۾ ڏڪ هٿندا آهن. اهو شور و غل تيسين هلندو رهندو آهي، جيسين ماڻهن سان ڪو هڪ ڇڪو اڇي خبر نه ڏيندو آهي ته دنلَ ۽ مارڪان هيسيلَ. پوتَ شهر يا ڳوٺ جي هڪ دروازي ڪان پڇي وڃي ۽ ڪاسياب ٿي ويا آهن. پوءِ ماڻهو انهن جي پٺيان پيڻجي پوندا آهن، ڪين ڇگي پنڊ تائين پيلي ۽ وڃي ڇڏيندا آهن ۽ اتي ڪين وري واپس نه اچڻ جو ڇتاءُ ڏيندا آهن. شيطانن جي انهيءَ اخراج ڪان پوءِ، سڄي شهر يا ڳوٺ جي سيني ڪڙڻ جو قتل عام ڪيو ويندو آهي، ته متان اهي پنهنجين بي وقتين پانگن ذريعي، جلاوطن ٿيل پوتن کي پنهنجن پراڻن گهرن ڏانهن واپس اچڻ جي رخ جو پتو ڏين. "هوران" قبيلي وارن ڳاڙهن هندستانين جي ڳوٺ ۾ هڪ دفعي جڏهن بيماري پيئي ۽ اُن کان ڇوڪاري حاصل ڪرڻ جون پيون سڀ تدبيرون ناڪام ثابت ٿيون، تڏهن هندستانين هڪ اهڙيءَ رسم کان مدد ورتي، جنهن کي اهي 'لونوووائروويا' سڏيندا آهن. "جيڪا هڪ مڪيه ڪوجنا آهي ۽ سندن چوڻ مطابق، ڳوٺ يا شهر مان اهڙن سيني شيطانن، پوتن ۽ بدروحن کي هڪالي باهر ڪندي آهي، جيڪي انهن سيني بيمارين يا ڪمزورين جو سبب ٿين ٿا يا جن جو اهڙين بيمارين ۽ ڪمزورين آڻڻ ۾ هٿ هوندو آهي يا جيڪي اهڙين بيمارين ۽ ڪمزورين کي پين علائقن کان ڪٽي ايندا آهن، جي ڪين جسماني ۽ روحاني اذيت پهچائين ٿيون."

چنانچ، هڪ ڏينهن شام جو قبيلي جا مرد پاڳلن وانگر ڳوٺ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا ويندا هئا ۽ پنهنجن عارضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنبن اندر جيڪا جيز هٿ چڙهندي هين، تنهن کي اونڌو ڪندا ۽ ٽوڙيندا ويندا هئا. ڪوٽ جي ڪهڙين ۾ اهي پرندڙ ٽانڊا اڏاريندا هئا ۽ سڄيءَ رات تائين ڪتن وانگر اونائيندا هئا ۽ بس نه ڪندا هئا. پوءِ اهي سيئي، ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جهڙوڪ ڇاڪوءَ، ڪتي، چمڙيءَ يا ٻيءَ ڪنهن به چيز جي متعلق خواب ڏسندا هئا ۽ جڏهن صبح ٿيندو هو، تڏهن اهي هڪ تنبوءَ کان ٻئي ڏانهن ويندا ۽ خيرات گهرندا هئا. خيرات واريون اهي شيون هوخاموشيءَ سان ونڊندا ويندا هئا، تانجو ڪين اها خاص شيءِ ملندي هئي، جنهن جي باري ۾ انهن خواب ڏٺو هوندو هو. انهيءَ خاص شيءِ ملڻ تي، اهي خوشيءَ جي رڙ ڪري، حاضرين طرفان مبارڪباد ملڻ جي آوازن ۾ انهيءَ ڇوڙيءَ کان ٻاهر نڪري ايندا هئا. انهن ماڻهن جي تندرستيءَ جي خاطري سمجهي ويندي هئي، جن کي اڃا شيءِ ملي ويندي هئي، جنهن جو انهن خواب لڏو هو، ٻئي طرف، جن ماڻهن کي اها شيءِ نه ملندي هئي، جنهن تي انهن دل رکي هئي، سي پنهنجيءَ قسمت جو فيصلو ٿيل سمجهندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن وري وحشي ماڻهو بيماريءَ جي پوت کي پنهنجي گهر مان هڪالي ڪيڻ بدران، سندس قبضي کي بدستور قائم رکڻ کي ترجيح ڏيندا آهن، پر ان جي بدران اهي پاڻ ڇڄي پاسو ڪندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي ٻڌيان اچڻ کان روڪڻ لاءِ کي تدبيرون اختيار ڪندا آهن. چنانچه، جڏهن ٻڌيگونين نسل وارن تي ماتا جو مرض حملو ڪندو هو، جنهن کي اهي هڪ بد روح جي حرڪتن جو نتيجو سمجهندا هئا، تڏهن اهي پنهنجن مريضن کي چڏي وڃي ڇڄندا هئا ۽ ڇڄندي ڇڄندي هوا کي پنهنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿيارن سان ضربون لڳائيندا ويندا هئا ۽ پنهنجي خطرناڪ تعاقب ڪندڙ کي پٺهنجي رستي کان دور رکڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پاڻي ڇڙڪائيندا ويندا هئا. جڏهن گهٽن ڏينهن جي پڄڻ ۽ ڊوڙڻ کان پوءِ، اهي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي اچي پهچندا هئا، جتي اهي سندس دسترس کان پاڻ کي محفوظ سمجهندا هئا، تڏهن اهي بطور حفظ ماتقدم پنهنجن تيز ۽ ويندڙ هٿيارن جو منهن انهيءَ طرف ڪري، جتان اهي آيا هئا، زمين ۾ ائين کوڙي ڇڏيندا هئا، جڙ تہ اهي ڪنهن گهوڙي سوار فوج جي حملي جو مقابلو ڪري رهيا هئا. ساڳيءَ طرح، گران چاڪوعلاقي ۾ آباد لول يا ٽونوڪوٽ قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين تي جڏهن ڪو مرض حملو ڪندو هو، تڏهن اهي ان جي اثر کي ٽارڻ لاءِ هميشه راهِ فرار اختيار ڪندا هئا، ۽ ائين ڪندي، اهي ڏنگو ڏڏو، ۽ نہ سڏو، رستو اختيار ڪري، وڃي پڄندا هئا، جو تہ اهي چوندا هئا تہ جڏهن مرض سندن پيڇو ڪندو، تڏهن اهو رستي جي ورن وڪڙن کان ايتري قدر ٽڪجي پوندو، جو ساڻن ڪڏهن ب نہ پڄي سگهندو. نيو ميڪسيڪو جي ڳاڙهن هندستانين جو جڏهن ماتا يا ٻئي ڪنهن متعدي مرض سبب گهٽو حصو مري ڪي ويندو هو، تڏهن اهي پنهنجيون چاوٽيون هر روز ڦيرائيندا هئا ۽ جبلن جي انتهائي ويران علاقن ڏانهن هٽندا ويندا هئا ۽ گنجان ۽ خاردار ٻوڙن ۽ جهاڙين ۾ رهڻ پسند ڪندا هئا، جنهن سان اهي هيءَ توقع رکندا هئا تہ ماتا جو مرض پاڻ کي ڪنڌن ۾ رهڙڻ کان ڏچندو ۽ سندن پٺيان ڪونہ پوندو. جڏهن ڪن چينائي زائرين تي، جيڪي رنگون ڏانهن وڃي رهيا هئا، هيضي جي مرض جو حملو ٿيو، تڏهن اهي مرض جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوت کي ڏيڻائو لاءِ اگهاڙيون تراريون ڪٽي گهمندا هئا ۽ پنهنجو سڄو ڏينهن ٻوڙن ۾ لڪي گذارڻ ۾ صرف ڪندا هئا، تہ جيئن اهو کين ڳولي نہ سگهي.

۳- **ٻراين جو فصلي اخراج :** ٻراين کي ڪڍڻ ڪڍڻ خارج ڪرڻ سبب، انهن جو اخراج فصلي صورت اختيار ڪري ٿو. آهستي آهستي بد روحن کان مقرر وقفن تي، گهٽو ڪري سال ۾ هڪ دفعو، نجات حاصل ڪرڻ کي قابل قدر سمجهيو وڃي ٿو، تہ جيئن ماڻهو زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪ نئون ورق ورائين، جنهن ۾ اهي اهڙن بد اثرن کان آجا ۽ آزاد ٿين، جي انهيءَ دوران ۾ سندن چوڌاري جمع ٿيندا رهيا هئا. آسٽريليا جا ڪي سياه فام مقامي ماڻهو پنهنجي علائقي مان هر سال مئل ماڻهن جي روحن کي نيڪالي ڏيندا هئا. اها رسم محترم ڊبليو- ربلي باروان درياه جي ڪنارن تي ادا ٿيندي ڏٺي هئي. "ويهن ماڻهن تي مشتمل هڪ گروهہ جنهن ۾ پوڙها ۽ جوان، پئي گڏ هئا، *'بومرئنگ' هٿيارن کي هٿن سان وڄائي، گيت ڳائي رهيا هئا..... اوچتو وڻ جي چوڌي جي چادر هيٺان هڪ ماڻهو ٽپ ڏيئي باهر نڪتو، جنهن جو سڄو بدن سرخ مٽيءَ سان ڪيل هو، منهن تي ڳاڙهيون ۽ زرد ليڪون نڪتل هيس ۽ سندس وارن جي چوٽيءَ ڪان ۾ فوٽ ڪن مٽي هڪ لٽ ذريعي ڪنين جو هڪ ڇڄو لڳل هو. ويهن منڻن تائين تہ هو بلڪل خاموش ۽ ساڪت بيٺو رهيو ۽ مٽي

* سخت ۽ لسيءَ ڪاٺيءَ جو هڪ ڏنگو ٽڪر، جنهن کي آسٽريليا جا وحشي ماڻهو هٿيارطور استعمال ڪندا آهن ۽ جنهن ۾ ايترو لچڪ هوندو آهي، جو اهو پنهنجي نشاني تي نہ لڳڻ جي حالت ۾ واپس موٽي ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسمان ڏانهن گهوريندو رهيو. هڪ وحشيءَ، جو سنهنجي قريب بيٺو هو، سون کي ٻڌايو ته هو ساڻ ماڻهن جي روحن کي ڳولي رهيو هو. آخرڪار، هو تمام آهستي حرڪت ڪرڻ لڳو ۽ جلد ئي پرپور طاقت ۽ تيز رفتاريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳو ۽ هٿ سان وڻ جي هڪ ٽاري اهڙيءَ طرح ڦيرائيندو ۽ گهيرائيندو رهيو، جڏهن ته ڪن اهڙن دشمنن کي هٽائي رهيو هو، جي اسان جي نظرن کان غائب هئا. جڏهن سون سمجهيو ته اهو گنگو ناڪ ذري گهٽ ختم ٿيڻ وارو هو، تڏهن وڌيڪ ڏڪ ڇڏي، جي بلڪل ساڳيءَ طرح سينگاريل هئا، اوچتوئي اوچتو وڻن جي پٽيان اچي پرگهٽ ٽپا، جنهن کان پوءِ سڄو گروه گڏجي، پنهنجن پراسرار حملي آورن سان ڏاڍيءَ تيزيءَ سان مقابلو ڪرڻ لڳو... آخرڪار ڪجهه تيز رفتار ڦيرين پائڻ کان پوءِ، جن ۾ انهن پنهنجي سڄي قوت صرف ڪئي هئي، اهي انهيءَ پرجوش جدوجهد کي بند ڪري، جنهن ۾ اهي سڄي رات ۽ سڄ اڀرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ تائين، مصروف رهيا هئا، آرام ڪرڻ لڳا. ان کان پوءِ آهي هن خيال کان مطمئن نظر اچڻ لڳا ته پوت ٻارهن مهينن تائين تڙجي ويا. درياه جي سڄي ڪناري تي جيڪي به آبادیون هيون، تن سڀني ۾ اها رسم ادا ٿي رهي هئي ۽ سون کي ٻڌايو ويو آهي ته اها هڪ سالياني رسم آهي."

سال جون کي موسمون اهڙيون هونديون آهن، جي بلڪل فطرتي طور شيطانن جي اخراج لاءِ موزون ۽ مناسب سمجهيون ويندیون آهن. اهڙو هڪ موقعو قطبي سياري جي اختتام وقت ايندو آهي، جڏهن سج ڪن هفتن يا مهينن جي غير حاضريءَ کان پوءِ، شفق تي اڇي ظاهر ٿيندو آهي. چنانچه، پائنٽ بئرو ۾، جا آلاسڪا جي اتر ۾، آمريڪا جي شايد سڀ کان ڏورانهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇڙيءَ تي واقع آهي، ايسڪيمونسل وارا اتان جي شرير روح، ٽيونا، کي هر گهر سان تڙي ڪيڻ لاءِ سڄ جي نئين سر آپرڻ واريءَ گهڙيءَ کي منتخب ڪندا آهن. قبيلي جي ڪائونسل هال ۾ باهم ٻاري ويندي هئي ۽ هرهڪ گهر جي دروازي وٽ هڪ پوڙهيءَ عورت کي ٻيهاريو ويندو هو. سرد ڪائونسل هال جي چوگرد وڃي جمع ٿيندا هئا ۽ نوجوان عورتون ۽ چوڪريون بسترن ۽ هرڻ جي ڪلن هيڻان چاڪن سان سوتمار ڏڪ هٽي، انهيءَ بد روح کي هرهڪ گهر مان هڪالي باهر ڪيڻديون هيون ۽ ٽيونا کي، پڇي وڃڻ لاءِ استدعا ڪنديون هيون. جڏهن اهي ماڻهو سمجهندا هئا تم هو هرهڪ سوراخ ۽ ڪنڊ ڪڙڇ کان نڪري چڪو آهي، تڏهن اهي فرش ۾ نڪتل هڪ سوراخ مان ڪيس ڏبائي هيٺ ڪندا هئا ۽ باهر ڪليل هوا ۾ زوردار رڙين ۽ پاڪلن جهڙن اشارن سان پڇائي ڪيڻندا هئا. ان وچ ۾، گهرن جي دروازن وٽ بيٺل پوڙهيون زالون، ان کي واپس گهر ڏانهن موٽڻ کان روڪڻ لاءِ وڏن ۽ ڏگهن چاقن سان هوا ۾ وار ڪنديون هيون. هرهڪ جماعت انهيءَ بد روح کي ڪائونسل هال ۾ باريل باهم ڏانهن ڏڪي ڪيڻندي هئي ۽ ڪيس ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مدعو ڪندي هئي. انهيءَ وقت تائين سيٽي چٽا باهم جي چوڏاري نيم دائري جي صورت ۾ اڇي جمع ٿيندا هئا۽ منجهائن گهٽيئي سردار آنهيءَ بدروح تي ڪيئي خاص تهمتون مڙهيندا هئا. هرهڪ ڳالهائيندڙ پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجن ڪپڙن کي زور زور سان جهٽڪا ڏيندو هو ۽ بد روح کي ڪيس چڏي ڏيڻ ۽ باهم ۾ پوڻ لاءِ تلقين ڪندو هو. هاڻي، ٻ ماڻهو خالي ڪارتوسن سان پريل بندوقون ڪٽي اڳتي وڌندا هئا ۽ ٽيون چٽو پيشاب سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريل هڪ برتن ڪٽي اينڊو هو، جنهن ڪي هو باهم جي شعلن سڀان چڙڪائيندو هو. ساڳئي وقت، مردن مان هڪ ڇڪو باهم ۾ گولي هڻندو هو ۽ جيئن ئي اُن مان پاڻ جو ڪڪر اٿندو هو، تيئن ئي ان کي ٻي گولي ٺوڪي ويندي هئي، جا ٽيونا کي فيالحال ختم ڪري ڇڏيندي هئي.

موسم خزان جي آخرين حصي ۾، جڏهن زمين تي طوفان لڳندا آهن ۽ اُنهن برفاني زنجيرن ڪي ٽوڙيندا آهن، جن سان چميل سمنڊ اڃا تائين ڍلو ڍالو بڏل هوندو آهي، جڏهن جدا ٿيل برف جون چڪيون بي ترتيب هڪٻئي جي سڀان ڪريون پيئون هونديون آهن، تڏهن بيفِنائنڊ جا ايسڪيمو باشندا سمجهندا آهن، ته ڪين اهڙن روحن جا آواز بڏڻ ۾ اچي رهيا آهن، جي هوا اندر شرارت سان پريل رهن ٿا. پوءِ، مٿن جا ارواح ڏاڍيءَ ڪاوڙ سان جهوپڙين جي دروازن ڪي ڪڙڪائيندا آهن ۽ خدا نم ڪري، جواُهي عين اُنهيءَ سهل ڪنهن بدنصيب ساٿهوءَ کي ڏاسائي وڃن! اهڙو بدبخت ساٿهو جلد ئي بيمار ٿي، مري ويندو. پوءِ هڪ اهڙي وڏي ڪتي جو پوت، جنهن جي ڪل تي هڪ به وار ڪونہ هوندو آهي، سڄن پڄن جيڀرن ڪتن جي پٽيان پوندو آهي، جيڪي ان کي ڏسڻ سان ڏڪندي مري ويندا آهن. برائيءَ جا سڀيئي بد روح اُن وقت آزاد ڦرندا آهن ۽ ويچارن ايسڪيمو قوم وارن سڀان مرض ۽ موت، ناخوشگوار هوائن موڪلڻ ۽ شڪار ۾ ناڪاميابيءَ کي نازل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندا آهن. پوتن جي دنيا سان سڀني کان زياده خطرناڪ ۽ پوائنٽن دئيتن مان، جي انهيءَ قوم ڏانهن ويندا آهن، هڪ سيدنا آهي، جا زير زمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جي مالڪياڻي آهي ۽ ٻيو سندس ٻيءَ آهي، جنهن جي حصي ۾ مثل ايسڪيمو ايندا آهن. جتي ٻيا ارواح هوا ۽ پاڻيءَ ۾ رهن ٿا، اُتي هيءَ پوٽي زير زمين دنيا مان نڪرندي آهي. پوءِ ته جادوگر انهيءَ سند ۾ ڏاڍا مصروف ماڻهو هوندا آهن. هر هڪ گهر ۾ اوهين انهن کي روحن کي راضي ۽ استدعائون ڪندي، گهائيندي ۽ دعائون پڙهندي ڏٺندا ۽ ڪين پر اسرار اونداهيءَ ۾، جهوپڙين جي ٻئين پاسن ۾ ويٺل ڏسندا، جتي تيل جا ننڍا ڏيئا تمام جهڪا ڪري ٻاريا ويندا آهن. سيني کان زياده سخت ۽ مشڪل ڪم سيڊنا کي پڄائڻ جو هوندو آهي ۽ اهو ڪم سيني کان زياده طاقتور جادوگر لاءِ مخصوص هوندو آهي. هڪ وڏيءَ جهوپڙيءَ جي فرش تي هڪ رسيءَ کي اهڙيءَ طرح وکوڙي گول صورت ۾ ويڙهيو ويندو آهي، جو انهيءَ گول ڊير جي چوٽيءَ وٽ هڪ اهڙو ننڍڙو گول سوراخ ٺهي پوندو آهي، جيڪو سمنڊ جي مشهور "سيل" مڇيءَ جي ساهه کڻڻ واري *سوراخ جي نمائندگي ڪندو آهي. ٻ جادوگر انهيءَ سوراخ جي پاسن کان ويهندا آهن، جن مان هڪ جي هٿ ۾ ٻالو هوندو آهي، جڏ ته اهو سياري ۾ سيل مڇيءَ جي سوراخ جي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ ٻيو جادوگر وري چار جي رسي جهلي ويهندو آهي. ٽيون جادوگر وري جهوپڙيءَ جي ٻئين پاسي کان، سيڊنا کي لالچائي ۽ ٽهڪائي، انهيءَ هنڌ اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي جادوءَ جا منتر ويٺو آلاپيندو آهي.

* اتر قطب ۾ سياري جي دوران ۾ جڏهن سمنڊ جمي برف ٿي ويندا آهن ۽ ٻين جانورن سان گڏ سيل مڇي به برف جي تهه هيٺان پاڻيءَ ۾ لهي ويندي آهي، تڏهن اُها ساهه کڻڻ لاءِ برف جي ٽاڻري ٽلهي تهه وڃان هڪ گول سوراخ ٺاهي ڇڏيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر، جهوپڙيءَ جي فرش هيٺان سيڊنا پوتڻيءَ کي سهڪندي جهوپڙيءَ جي قريب ايندو ٻڌي سگهجي ٿو. هينئر اها سوراخ سان منهن ڪيڊي ٿي، هينئر ڪيس ڦاسايو ويو آهي ۽ اها ڪاوڙجي، تڙ تڪڙ ۾ هيٺ پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃي ٿي ۽ چار کي پاڻ سان گڏ گهلي ڪٽي وڃي ٿي، پر ٻ ماڻهو ان جي رسيءَ کي پنهنجيءَ سڃيءَ قوت سان چڪي جهلي ٻيٺا آهن. مقابلو سخت ٿي رهيو آهي، پر آخر ڪار هڪ زوردار سٽَ ڏيئي، سيڊنا پاڻ کي ڇڏائي، ائڊلوون ۾ پنهنجي قيامگاه ڏانهن واپس هلي وڃي ٿي. جڏهن چار کي سوراخ کان ڇڪي باهر ڪيڊيو ويندو آهي، تڏهن ان کي رت سان پريل ڏٺو ويندو آهي، جنهن جي جادوگر پنهنجيءَ طاقت جي ثابتيءَ طور ڏاڍي فخر سان نمائش ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح سيڊنا ۽ ٻين بد روحن کي هڪالي ڪيڊيو ويندو آهي ۽ ٻئي ڏينهن پوڙها ۽ جوان گڏجي، انهيءَ سوقعي جي اعزاز ۾ هڪ وڏي محفل منعقد ڪندا آهن. پر ڪين اڃا ٻ خبردار رهڻو هوندو آهي، چو ته مجروح ٽيل سيڊنا ڪاوڙيل هوندي آهي ۽ هر اهڙي ماڻهوءَ کي پڪڙيندي آهي، جنهن کي سندس جهوپڙيءَ جي ٻاهران ڏسندي آهي. ان ڪري اهي سيٽي ڪانئس بچڻ لاءِ پنهنجن ٽوپن ۾ تعويذ پائي گهمندا آهن. اهي تعويذ انهن ڪپڙن جا ٽڪرا هوندا آهن، جيڪي انهن جمڻ وقت سيپ ڪان اول پهريا هئا.

اروڪيوئي قبيلي جا ڳاڙها هندستاني نئين سال جو افتتاح جنوري، فبروري يا مارچ (وقت مختلف رهندو هو) ۾ اهڙيءَ طرح "خوابن جي تقريب" سان ڪندا هئا، جهڙيءَ طرح هوران قبيلي وارا ساڳي ٽي رسم ڪن خاص موقعن تي ادا ڪندا هئا. اهي سڃيون رسمون گهٽ ڏينهن يا هفتن تائين هلنديون هيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ موقعي تي جنس ۽ طبقي جا سڀ امتياز ختم ڪيا ويندا هئا. سرد ۽ زالون مختلف قسمن جا چمڙا پوش ڪري، هڪ ڪان ٻئي تنبوءَ ڏانهن ويندا هئا ۽ هر اهڙي شيءَ ٽوڙيندا ۽ اچلائيندا ويندا هئا، جا سندن هٿ چڙهندي هئي. اهو وقت عام آزاديءَ جو هوندو هو، ماڻهن کي پنهنجي هوش ۽ حواس کان باهر سمجهيو ويندو هو ۽ ان ڪري اهي جيڪي ڪجهه ڪندا هئا، تنهن لاءِ اهي ذميوار ڪونہ ٺهرايا ويندا هئا. چنانچہ، منجهائن گهٽيئي ماڻهو موقعو وٺي قابل نفرت ماڻهن کي مارون ڪيديءَ، ڪين برف جهڙي ٺڏي پاڻيءَ ۾ پسائي ۽ مٽائڻ گند ڪچرو يا گرم رکَ اچلائي، پراٽيون عداوتون پاڙيندا هئا. ٻيا وري پرندڙ بندين يا ٽانڊا ڪٽي، اهڙن ماڻهن مٿان اچلائيندا هئا، جن سان انهن جي پهرئين ملاقات ٿيندي هئي. پنهنجن ستائيندڙن کان نجات حاصل ڪرڻ جو فقط هڪ ئي طريقو اهو هوندو هو، جو هيءَ اندازو ڪرڻو پوندو هو تہ انهن ڪهڙيءَ شيءَ جو خواب ڏٺو هو. تقريب واري ڏينهن ڪوڪ مان بدروحن کي هڪالي ڪيڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي هئي. سرد جهنگلي جانورن جون ڪلون ڏيکي، سنهن تي خوفناڪ نقاب چاڙهي ۽ هٿن ۾ ڪُهين جي ٻئيءَ وارو پٽر جهلي، هڪ جهوپڙيءَ کان ٻيءَ ڏانهن ويندا ۽ خوفناڪ آواز ڪندا هئا، هر هڪ جهوپڙيءَ ۾ چلهه مان باهم ڪيديءَ، ٽانڊن کي پنهنجن هٿن سان جهوپڙيءَ اندر هيڏانهن هوڏانهن اچلائيندا هئا. تقريب کان اڳ گناهن جو جيڪو عام اقرار ڪيو ويندو هو، سو شايد برن اٿرن کي عام ماڻهن جي روبرو تڙي ڪيڻ جي تياريءَ لاءِ ڪيو ويندو هو. اهو طريقو ماڻهن کي سندن اخلاقي بوجن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آجي ڪرڻ جو هڪ رستو هو، تہ جيڪڏهن انهن کي هڪ ئي محل جمع ڪري ٻاهر ڦٽو ڪجي.

پيرو جا انڪاس قبيلي وارا ڳاڙها هندستاني هر سال سيپٽمبر مهيني ڏاري، سڏيوئا نالي هڪ تقريب ملهائيندا هئا، جنهن جو مقصد دارالحڪومت ۽ ان جي پسگردائي ۽ ماڻ مرض ۽ مصيبت کي هڪالي ڪيڻ جو هوندو هو. اها تقريب سيپٽمبر مهيني ۾ هن ڪري ايندي هئي، جو تہ انهيءَ وقت مينهن وسڻ شروع ٿيندا آهن ۽ پهرين وسڪارن کان پوءِ گهٽو ڪري تمام گهٽي بيماري ڦهلجي ويندي آهي. انهيءَ تقريب جي تياريءَ ڪرڻ لاءِ سڀ ماڻهو سر ۾ ڏينهن ۽ رات هڪ جيتري ٿيڻ کان پوءِ ايندڙ چنڊ جي پهرينءَ تاريخ تي روزو رکندا هئا. ڏينهن جي دوران ۾ فاقي ڪيڻ کان پوءِ، جڏهن رات ايندي هئي، تڏهن اهي مڪائيءَ جو ڳوڙل ڏلهو اڏو ڇڪائيندا هئا. اهو ڳوڙل اڏو ٻن قسمن جو ٿهيل هوندو هو. هڪڙي کي پنجن سالن کان وٺي ڏهن سالن جي درميان واريءَ چمار جي ٻارن جي رت سان ڳوڙو ويندو هو ۽ اهو رت چوڪرن جي پرون جي درميان پيشانيءَ واري حصي مان ڪڍيو ويندو هو. انهن ٻنهي قسمن جا اڏا جدا جدا ڇڪايا ويندا هئا، جو تہ انهن جو ڪم علحده علحده هوندو هو. هر هڪ ڪنب جا ياتي انهيءَ تقريب ملهائڻ لاءِ پنهنجي وڏي ٻاڦ جي گهر جمع ٿيندا هئا، جن کي وڏو ٻاڦ ڪوٺ هوندو هو، سي پنهنجي ٻئي ڪنهن وڏيءَ چمار واري مائٽ جي گهر ويندا هئا. ساڳيءَ رات جو، اهڙا سڀئي ماڻهو، جن ڏينهن جو روزو رکيو هوندو هو، وهنجندا هئا ۽ رت ۾ ڳوڙل اڏي مان ٿورو ڪڍي، ان کي پنهنجي مٿي، منهن، ڇاتيءَ، ڪلهن، ٽنگن ۽ ٻانهن تي مهٽيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اُهي ماڻهو اهو ڪم هين لاءِ ڪندا هئا ته جيئن اهو اڏو سندن سينءِ ڪمزورين کي چڪي ٻاهر ڪڍي وڃي. انهيءَ کان پوءِ گهر جو مالڪ، رت ۾ گوڏل اڏو پنهنجي گهر جي چائٽ کي ڪيندو هو ۽ ان مان ڪجهه حصو دروازي وٽ ڇڏي ڏيندو هو ته جيئن ڏسندڙ ماڻهو سمجهن ته سندس گهر جي پاتين وضو ڪيو آهي ۽ پنهنجا بدن صاف ڪيا آهن. انهيءَ وچ ۾، وڏو پادري "سورج" جي مندر ۾ ساڳيون رسمون ادا ڪندو هو. جيئن ئي "سج" ايرندو هو، تيئن ئي سڀ ماڻهو ان جي پوڄا ڪندا هئا ۽ ڪيس عرض ڪندا هئا ته اهو سينءِ براين کي شهر کان ٻاهر ڪڍي. ان کان پوءِ، اهي انهيءَ گوڏل اڏي سان روزو کوليندا هئا، جو رت کان سواءِ گوڏو ويندو هو. جڏهن اُهي پنهنجي پوڄا پاٺ ختم ڪندا هئا ۽ روزو کوليندا هئا، جو هڪ مقرر ڪيل وقت تي کوليو ويندو هو، تڏهن هن ارادي سان، ته سڀني ماڻهو هڪ ٻي "سورج" جي پوڄا ڪن، شاهي خاندان جو هڪ "انڪا" قيمتي ويس وڃهي، پنهنجو جبو چيلهه سان ٻڌي ۽ هٿ ۾ نيزو کڻي، "سورج" جي پيغامبر جي حيثيت ۾ قلعي کان ٻاهر ايندو هو. نيزو مختلف رنگن وارن ڪنين سان سينگاريل هوندو هو، جي قر کان وٺي انهيءَ جاءِ تائين لڳل هوندا هئا، جتي اهو قر دستي ۾ پيل هوندو هو. اهي ڪنب سونن چمڪن سان ٻڌل هوندا هئا. "انڪا" قلعي سان ڪري، ڪريءَ تان هيٺ لهندو هو ۽ پنهنجو نيزو ڦيرائيندو هو، تانجو هو انهيءَ چونڪ جي وچ ۾ اچي پهچندو هو، جتي هڪ ڦوهاري وانگر، سونءِ گهگهي رکيل هوندي هئي، جا پاڻيءَ ۾ جوش ڏيارڻ ڪائيءَ جي رس جي قرباني ڏيڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. اتي وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهي خاندان جا چار ٻيا "انڪا" انتظار ۾ ٻيٺا هوندا هئا، جن سان هرهڪ جي، هٿ ۾ هڪ پالو هوندو هو، چيلهه سان جبو بڌل هوندو هو ۽ هو ڊوڙڻ لاءِ تيار ٻيٺو هوندو هو. پيغام آڻڻ وارو پنهنجو پالو انهن جي پالن سان ڇهندو هو ۽ کين چوندو هو ته "سورج" کين حڪم ڏنو آهي ته اهي براين کي شهر سان تڙي ڪيڻ. جڏهن اهي ڊوڙندا هئا، تڏهن سيئي ساٿهو، وڏا ۽ ننڍا، پنهنجن پنهنجن گهرن جي دروازن وٽ اچي ٻيهندا هئا ۽ پنهنجن ڪپڙن کي ائين چنڊيندا هئا، جڏ ته اهي انهن تان مٽي چنڊي رهيا هئا. انهيءَ وقت سڀ وڏي آواز سان هيئن چوندا هئا، "شل برايون دور ٿين! اسان هن تقريب جي ڪيتري قدر نه ڪواهش ڪندا رهيا آهيون. اي هر شيءِ جا "خالق!" اسان کي ٻئي سال تائين جيئڻ ڏي، ته اسين هن جهڙي هڪ وڏيڪ تقريب ڏسون." ڪپڙن چنڊڻ کان پوءِ، اهي پنهنجا هٿ پنهنجن مٿن، منهن، ڀانهن ۽ ٽنگن تي ائين ڦيرائيندا هئا، جڏ ته اهي وهنجي رهيا هئا. اهو سڀ ڪجهه براين کي پنهنجن گهرن سان ٻاهر ڪيڻ لاءِ ڪيو ويندو هو، تنهن "سورج" جا پيغام پهچائيندڙ انهن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي چڏين. اها ڪارروائي نه فقط انهن گهٽين ۾ ڪئي ويندي هئي، جتان "انڪا" لنگهندا هئا، پر عام طرح شهر جي هرهڪ علائقي ۾ ٻڌ ائين ڪيو ويندو هو. ان کان سواءِ، سڀ ساٿهو نچندا هئا، جن ۾ خود "انڪا" به شريڪ ٿيندا هئا ۽ درياهن ۽ چشمن ۾ وهجندا هئا ۽ چوندا هئا ته سڀ برايون انهن سان ٻاهر نڪري ويندیون. پوءِ اهي ڪکن جون وڏيون مشعلون ڪٹندا هئا، جن جي چوڌاري ڏاڳا بڌل هوندا هئا. انهن کي اهي ٻاري، هڪ ٻئي کي ڏيندا هئا ۽ انهن سان هڪ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڏڪ هڻي هيئن چوندا هئا، "شل سپ دک درد دور ٿين!" انهيءَ وچ ۾ ٻه پڇندڙ پنهنجن پالن سان شهر کان ٻاهر هڪ ميل جي ڇوٽين حصي تائين ڊوڙي ويندا هئا، جتي کين وڏيڪ چار "انڪا" ٻيڙل ملندا هئا، جي سندن هٿن مان پالا وٺي، اڳتي ڊوڙندا هئا. اهڙيءَ طرح اهي پالا پڇندڙن جون جدا جدا ٽوليون شهر کان پنجن يا ڇهن ميلن جي مفاصلي تائين ڪٽي ويندڙون هيون، جنهن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي پڇندڙ پنهنجن پالن سميت درياه ۾ وهجهندا هئا ۽ انهن پالن کي زمين ۾ کوڙي هڪ سرحد مقرر ڪندا هئا، جنهن جي اندر جلاوطن ٽيل براين کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي.

گنيءَ جا حبشي هر سال شيطان کي پنهنجن سيني شهرن مان تمام گهٽين رسمن جي ادائگيءَ سان انهيءَ مقصد جي مقرر ٽيل خاص وقت تي جلاوطن ڪندا آهن. گولڊ ڪوسٽ تي ائڪسم وٽ، انهيءَ سالياني ۽ نيڪاليءَ کان اڳ اڻ ڏينهن تائين هڪ تقريب ملهائي ويندي آهي، جنهن جي دوران ۾ هرطرف کل ۽ خوشي، ٽهڪ، نچ ۽ گائڻ هوندو آهي۽ "طنز آميز ۽ بدناموسيءَ وارن راڳن گائڻ جي مڪمل آزادي هوندي آهي. گلاخوري ۽ بدنامي ايتري قدر بلند منزل تي پهتل هوندي آهي، جو ماڻهو پنهنجي بالادستن ۽ زيردستن جي سيني گناهن، بدمعاشين ۽ ڪين جا آزاديءَ سان راڳ گائي سگهندا آهن، جنهن جي پاداش ۾ کين ڪابه سزا ڪانه ملندي آهي ۽ نه وري کو کين ذري برابر به روڪيندو يا ٽوڪيندو آهي." ائين ڏينهن تي اهي ماڻهو هڪ افسوسناڪ دانهن سان شيطان کي ڳولي هٽ ڪندا آهن ۽ سندس پٺيان ڊوڙندا آهن. مٽس لٽين، پٿرن ۽ هر اهڙيءَ شيءَ جو وسڪارو ڪندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سندن هٿ چڙهي ويندي آهي. جڏهن اهي ڪيس پنهنجي شهر کان ٻاهر ڪافي دور تائين پهچائيندا آهن، تڏهن واپس گهر ايندا آهن. انهيءَ طريقي سان ڪيس هڪ ئي وقت هڪ سو کان زياده شهرن مان نيڪالي ملندي آهي. انهيءَ خاطريءَ ڪرڻ لاءِ تہ اهو وري سندن گهرن ڏانهن واپس نہ موٽي، زالون گهرن ۽ ڪائيءَ ۽ مٽيءَ جي سيني برتن کي "سيني ناپاڪاين ۽ خود شيطان کان آزاد ڪرڻ لاءِ" سهڻي صاف ڪندیون آهن.

گولڊ ڪوسٽ تي، ڪيپ ڪوسٽ ڪئسل ۾ ۱۹ آڪٽوبر سنہ ۱۸۴۴ع تي هڪ انگريز اها رسم ادا ڪندي ڏٺي هئي، جنهن ان جو هيٺيون بيان ڏنو آهي: "اڄ رات اٺيون سام' نالي هڪ بدروح کي شهر کان هڪالي ٻاهر ڪيڻ جي سالياني رسم ادا ڪئي ويئي آهي. جيئن ئي الين بجي واري توب قلعي ۾ چوڙي ويئي، تيئن ئي ماڻهن پنهنجن گهرن اندر بندوقون چوڙڻ شروع ڪيون، گهرن جي سڄي سامان کي ٻاهر ڪڍيو، ڪوئين جي ڪنڊن ڪڙڇن ۾ لئين سان ڏڪ هڻڻ شروع ڪيا ۽ شيطان کي ڊيڄائڻ لاءِ ايتري قدر شور و غل مچايو، جيتري منجهن طاقت هتي. جڏهن انهن سمجهيو تہ اهو بدروح گهرن کان ٻاهر نڪري چڪو هو، تڏهن ماڻهو ٻ گهٽين ۾ نڪري آيا ۽ شيطان کي شهر کان ٻاهر ڪڍي، سندن ڏانهن ڏڪ لاءِ، انهن ٻرندڙ مشعلون هيڏانهن هوڏانهن اڇلايون، رڙيون ۽ ڪوڪون ڪيون، ڪائيءَ جي ٽڪرن کي هڪ ٻئي سان ٽڪرايو، پراٽا برتن وڄايا ۽ انتهائي ڀوائيتا ۽ هيبتناڪ آواز بلند ڪرڻ شروع ڪيا. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ کان اڳ ڏينهن اڳ موت جهڙو سناٽو اختيار ڪيو ويندو آهي، ڪابہ بندوق چوڙڻ نہ ڏني ويندي آهي، ڪنهن ٻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهل وڄائڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي ۽ ان ساڻهن جي درميان ڪوبه گپ شپ ڪرڻ ممنوع هوندو آهي. جيڪڏهن انهن هفتن جي دوران ۾، ان مقامي ماڻهن ۾ اختلاف ٿي پوندو ۽ اهي شهر ۾ گوڙ گهمسان ڪندا، تہ ڪين هڪدم بادشاه ڏانهن وڃي ويندا آهن، جتي مٿن ڪرو ڏنڊ وڌو ويندو آهي. جيڪڏهن گهٽيءَ ۾ ڪوڪتو يا سوئر، ريڍ يا ٻڪري ڪليل لڏي ويندي هئي، تہ ان کي هڪدم ماريو ويندو هو يا ڪوبہ ماڻهو ان کي ڪاهي وڃي ويندو هو. سابق مالڪ کي ڪنهن بہ معاوضي جي دعويٰ ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هئي. اهڙا خاموشي اڀوڻ ڪم کي لڳڻ لاءِ اختيار ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن غفلت ۾ هڻڻ سبب، مٿس اوچتو حملو ڪيو وڃي ۽ کيس ڏيڇائي، شهر کان ٻاهر هڪاليو وڃي. جيڪڏهن انهيءَ خاموشيءَ جي دوران ۾ ڪو ماڻهو مري ويندو آهي، تہ سندس عزيزن کي تيسين روڄ ۽ راڙي ڪرڻ جي اجازت ڪانہ ملندي آهي، جيسين چار هفتا نہ گذرندا آهن."

شيطانن کي ڏکي ٻاهر ڪڍڻ جي تاريخ ڪڏهن ڪڏهن زرعي موسمن مطابق مقرر ڪئي ويندي آهي. چنانچہ، اولهہ آفريڪا جي ٽوگولئنڊ جي "هوس" قبيلي وارن ۾، ٻوٽن جي اخراج جي سالياني تقريب 'يئم' ميوي جي نئين فصل کائڻ کان اڳي ئي ملهائي ويندي آهي. سردار پنهنجن پادرين ۽ جادوگرن کي ڪوٽائيندا آهن ۽ ڪين چوندا آهن تہ ساڻهو نوان 'يئم' کائي، مد هوش ٿيڻ وارا آهن، ان ڪري انهن کي شهر کي صاف ڪرڻ ۽ ٻوٽن کي هڪالي ٻاهر ڪڍڻ گهرجي. چنانچہ، بد روحن، ڏانڻين ۽ سيني آهڙين براين کي لالچائي ۽ لڳي، جي انسان ذات کي هر وقت لڳيون رهن ٿيون، پنن ۽ ولين جي هڙڻ ۾، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڻ سان ٻڌل هوندڙيون آهن، بند ڪيو ويندو آهي ۽ انهن کي شهر کان ٻاهر ڪڍي وڃي، مختلف رستن جي پاسن کان زمين اندر کوڙيو ويندو آهي. ان کان هڪ رات پوءِ ڪاٻ ٻاهم ڪاٽ ٻاري ويندي آهي ۽ ڪاٻ غذا ڪاٽ کاڏي ويندي آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو زالون پنهنجيون چلهيون ۽ گهر ٻوهاريندڙيون آهن ۽ ميڙيل گند ۽ ڪچري کي ڪائيءَ جي ٽڪل ٽالهين تي رکنديون آهن. پوءِ ماڻهو عبادت ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته "اي اوهين سيئي بيمارين، جي اسان جي بدن ۾ آهيو ۽ اسان کي تنگ ڪريو ٿيون، اڄ اسين اوهان کي ٻاهر اچلائڻ لاءِ آيا آهيون،" ائين چئي اهي "اداڪلو جبل" طرف ايتريءَ تيزيءَ سان وٺي ڊوڙندا آهن، جيتري کين طاقت هوندي آهي ۽ پنهنجن واتن کي ڏکي هٽندا ۽ هيڻن رڙيون ڪندا ويندا آهن ته "ٻاهر نڪرو اڄ! ٻاهر نڪرو اڄ! اها جيڪا ڪنهن کي به ماري ٿي، ٻاهر نڪر اڄ! اي اوهين بد ارواح، اڄ ٻاهر نڪرو!. ۽ اهي سڀ، جيڪي اسان جي متن ۾ سور وجهو ٿا، اڄ ٻاهر نڪرو! ائنلو ۽ اداڪلو ئي اهي جايون آهن، جيڏانهن هرهڪ برائي ٻاڻ کي ڪڍي وڃي ڦهچائي!" جڏهن اهي اداڪلو جبل تي هڪ خاص وڻ وٽ وڃي ڦهچندا آهن، تڏهن هرڇيز کي اڇلائي گهر موٽي ويندا آهن.

ڏکڻ اوپر نيوگنيءَ ۾، ڪيريوينا وٽ، جڏهن نون "ٻڙ" سيون جو لابارو لٽجي ويو هو، تڏهن ماڻهن گهٽن ڏينهن تائين دعوتون ڪيون ۽ ناچ ڪيا ۽ گهڻي مال ملڪيت، جهڙوڪ ننڍڙن هٿيارن، مقامي پيسن، وغيره جي هڪ اوچي ٽڪاهي جي، جو خاص انهيءَ موقعي لاءِ اڏيو ويو هو، ظاهر ظهور نمائش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ويئي. جڏهن محفلون ختم ٿيون، تڏهن سڀئي ماڻهو گڏ ٿيا ۽ انهن رڙين ڪرڻ، گهرن جي ٽنين کي ڏکن هڻڻ ۽ هر اهڙيءَ شيءَ کي اونڌي ڪرڻ سان، جنهن جي هيٺان هڪ حرفتي روح جي لڪي ويهڻ جو انديشو هو، روحن کي ڀوڳ سان هڪالي ڪڍيو. انهيءَ باري ۾ ماڻهن هڪ سلڳ کي هيءَ سمجهاڻي ڏني، ته انهن روحن کي وندرايو ۽ ڪارايو ٿو ڪين دولت مهيا ڪري ڏني هئي ۽ هينئر سندن وارو آهي ته آهي ڪين ڇڏي، هليا وڃن. چا، انهن ناڇ نه ڏٺا هئا ۽ راڳ نه ٻڌا هئا ۽ "يٿم" ميون جي روحن سان پنهنجا پيٽ نه پريا هئا ۽ چا، انهن دولت ۽ پين سڀين شين جي روحن کي پنهنجيءَ ڪم ڪوڻ آندو هو، جن کي ٽلهي تي رکيو ويو هو؟ روحن کي وڏيڪ ٻيو چا گهرجي؟ ان ڪري ڪين ٻاهر وڃڻ ئي گهرجي.

اتر اوپر هندستان جي "هوز" قبيلي وارن ۾ سال جي وڏي تقريب گهر ۾ لاباري جي خوشيءَ ملهائڻ واري آهي، اها تقريب جنوريءَ ۾ ملهائي ويندي آهي، جڏهن آن جون گنديون پريل هوندیون آهن ۽ ماڻهو، اتان وارن جي اصطلاح موجب، شرارت سان پريل هوندا آهن. "انهن ماڻهن کي هڪ عجيب خيال هوندو آهي ته سال جي انهيءَ عرصي ۾ مرد ۽ زالون بچڙن ارادن سان ايتري قدر پريل هوندا آهن، جو ماڻهوءَ جي جسم جي سلامتيءَ لاءِ ڪين پنهنجي باهر ڪڍڻ جو موقعو ڏيڻ انتهائي ضروري آهي." انهيءَ تقريب جون رسمون ڀوڳ جي ديوتا کي ٿن پڪين، هڪ ڪڪڙ ۽ ٻن ڪڙين، جي قرباني ڏيڻ سان شروع ٿيندیون آهن، جن سان هڪ کي لازمي طور ڪارو هڻڻ گهرجي. انهن پڪين سان گڏ "پلاس" وڻ (" ٻيوتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرونڊوسا") جا گل، جانورن جي ماني ۽ ترن جا ٻج ٻڌ نذراني طور آڇيا ويندا آهن. اهي نذرانا گوٺ جو پوڄاري پيش ڪندو آهي ۽ ساڻ ئي هيءَ پرارٿنا ڪندو آهي ته ايندڙ سال اندر اهي ۽ سندن پار ٻچا شل هر مصيبت ۽ مرض کان محفوظ رهن ۽ کين منداڻتا مينهن ۽ پلا فصل نصيب ٿين. ڪن هنڌن تي مڙل ماڻهن جي روحن لاءِ ٻڌ پرارٿناؤن ڪيون ويندڙون آهن. انهيءَ وقت هڪ بد روح کي گوٺ اندر موجود سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ مرد، زالون ۽ ٻار جلوس جي صورت ۾ سڄي گوٺ مان ۽ ان جي هرهڪ حصي ۾ لڙيون ڪڍي ڦرندا آهن، جڏ ته اهي شڪار جي ڪنهن جانور کي ماري رهيا آهن، ساڻ ئي اُهي زوردار آواز ۾ ڳائيندا ۽ شور و غل مچائيندا ويندا آهن، جيسين کين خاطري ٿئي ته اهو بد روح پڄي ويو هوندو. پوءِ ته اهي خوب مجلسون ۽ محفلون رچائيندا ۽ جانورن جو بيٺر پيٽڻ شروع ڪندا آهن، تانجو اهي انهيءَ عياشيءَ لاءِ خوب مد هوشيءَ جي عالم ۾ اچي ويندا آهن، جا بعد ۾ هرطرف شروع ٿي ويندي آهي. اها تقريب "هينئر عام شرابخوريءَ ۽ زنا جو ڏڻ ٿي پوندي آهي، جنهن ۾ نوڪر پنهنجن مالڪن طرف پنهنجي فرض ادائي فراموش ڪندا آهن، ۽ پنهنجن والدين ڏانهن فرمانبداريءَ ۽ احترام جو خيال لاهي ڇڏيندا آهن. مرد زالن جي عزت وساري ڇڏيندا آهن ۽ زالون حيا، نزاڪت ۽ نرم دليءَ جو سڀ خيال وڃائي ڇڏيندڙون آهن، تانجو اهي سڀ گوڙ گهمسان مچائيندڙ زاني ۽ شرابخور ٿي پوندا آهن." عام طور "هوز" قوم جا ماڻهو خاموش طبيعت وارا، گهٽ ڳالهائيندڙ، هلت چلت ۾ شانائتا ۽ عورتن ڏانهن نرم هوندا آهن. ۽ انهيءَ تقريب جي دوران ۾ "سندن فطرتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عارضي تبديلي اچي ويندي آهي. پٽ ۽ ڏيئرون پنهنجن والدين کي بچڙيءَ زبان ۾ چيڙيندیون رهنديون آهن ۽ والدين پنهنجي اولاد کي، سرد ۽ زالون پنهنجي شهواني خواهش کي پوري ڪرڻ ۾ جانورن وانگر هوندا آهن. ننڍاري قبيلي وارا، جي هوز قوم وارن جا همسايا آهن، انهيءَ تقريب کي ذري گهٽ ساڳئي طريقي سان ملهائيندا آهن. "انهيءَ تقريب جي نوعيت عام آزاديءَ واري هوندي آهي. چو ته انهيءَ ڏينهن تي هارين کي سندن آقائون کارائيندا پيئارينداآهن ۽ کين پنهنجن مالڪن کي مخاطب ٿيڻ ۾ هر طرح آزادي حاصل هوندي آهي. انهيءَ ڏينهن تي لاباري کي گهر آڻڻ جي خوشي ملهائي ويندي آهي. سڄي سال جي محنت ۽ مشقت جي پڄاڻي ٿيندي آهي ۽ وري نئين سر هر هلائڻ کان اڳ کين ٿورو گهڻو آرام نصيب ٿيندو آهي."

هندو ڪش جبلن ۾ آباد ڪن قبيلن ۾ به، هوز ۽ ننڍارين وانگر، شيطانن کي هڪالي ڪڍڻ جي رسم لاباري کان پوءِ ادا ڪئي ويندي آهي. جڏهن سرءُ جي موسم وارو فصل گهر پهچايو ويندو آهي، تڏهن بد روحن کي آڻ جي گدامن مان باهر ڪڍڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. هڪ خاص قسم جو پٽ ڪاڏو ويندو آهي ۽ گهر جو وڏو پنهنجي بندوق کڻي زمين ۾ هڪ فٽر ڪندو آهي. پوءِ هو باهر وڃي، بندوق کي پرڻ ۽ وري چوڙڻ جي ڪم کي لڳي ويندو آهي، تانجو سندس ساروت وارو سڄو *سنگ خالي ٿي ويندو آهي. ٻئي طرف سندس سڀ پاڙيسري به انهيءَ ڪم ۾ مصروف هوندا آهن. ٻيو ڏينهن خوشين ۾ گذاريو ويندو آهي. چترال ۾ انهيءَ

* وحشي ۽ جاهلو شڪاري، پنهنجو ساروت ڏڳي يا مينهن جي ڏڳهي سنگ ۾ بند ڪري، ساڻ کڻندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقريب کي "شيطان کي هڪالي ڪيڻ" سڏيو ويندو آهي. ٻئي طرف هندستان جي ڪوندڀ قبيلي وارا شيطانن کي، لاباري واري وقت بدران، ٻيجي وقت هڪالي ڪيندا آهن. انهيءَ وقت اهي "ٻتيري پينو" ديوتا جي پوڄا ڪندا آهن، جو واڌاري ۽ هرصورت جي فائدي جو ديوتا آهي. تقريب جي پهرين ڏينهن، ٽورين ڪائين مٿان هڪ ٽوڪرو رکي، منجهائن هڪ ٻي ڏولو چڪڙو ٺاهيو ويندو آهي، جنهن جي هيٺان ڦيٽن بدران، بانس جي ٽلهن لڪڙن کي استعمال ڪيو ويندو آهي. انهيءَ چڪڙي کي ڳوٺ جو پوڄاري سڀ کان اول ڳوٺ جي جدي سردار جي گهر ڪٽي ويندو آهي، جنهن کي زراعت سان وابستہ سڀني رسمن جي ادائگيءَ ۾ ٻين ماڻهن کان ترجيح ڏني ويندي آهي. انهيءَ هنڌ پوڄاريءَ کي سڀني قسمن جي ٻجن جو ڪجهہ مقدار ۾ ٽورا ڪنبي ملندا آهن. ٻوءِ هو انهيءَ چڪڙي کي ڳوٺ جي ٻين گهرن ڏانهن ڪٽي ويندو آهي، جن مان هرهڪ ڪيس اهي ئي شيون ڏيندو آهي. آخرڪار، اهو چڪڙو ڳوٺ کان ٻاهر هڪ ٻنيءَ ۾ پهچايو ويندو آهي ۽ ڳوٺ جا سڀ نوجوان ان جي پٺيان ويندا آهن. سندن هٿن ۾ ڊگهيون لٺيون هونديون آهن، جن سان اهي هڪ ٻئي کي ماريندا ۽ هوا کي زوردار ڏڪ هٽندا ويندا آهن. جيڪو ٻچ انهيءَ طريقي سان ڳوٺ کان ٻاهر نيون ويندو آهي، تنهن کي "ٻچ کي خراب ڪندڙ بدروحن" جو حصو سڏيو ويندو آهي. "ائين سمجهيو ويندو آهي تہ چڪڙي سان گڏ انهن کي ٻ ٻاهر نيون وڃي ٽوڙ ۽ جڏهن چڪڙو ۽ ان ۾ پيل ٻچ انهن جيءَ سپرد ڪري، اتي ئي ڇڏيا ويندا آهن، تڏهن کين اناج جي ٻين ٻجن ۾ دخل درمعقولات ڏيڻ جو ڪوبہ ٻهانو باقي ٻچيل ڪونهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالي پيٽ جا ماڻهو، جو جاوا جي اپرندي طرف واقع آهي، شيطانن کي وقت بوقت تمام وڏي پئماني تي هڪالي ڪيڏ جو جتن ڪندا آهن. انهيءَ نيڪاليءَ جو وقت گهڻو ڪري نائين مهيني جي "اونداهي چنڊ" واري ڏينهن چونڊيو ويندو آهي. جڏهن شيطانن کي گهٽي وقت تائين هٽ نه لاتو ويندو آهي، تڏهن ملڪ کي "گرم" سمجهيو ويندو آهي ۽ پوڄاري آنهن کي زوريءَ ڏکي ڪيڏ جا احڪام جاري ڪندو آهي، تہ متان سڄو بالي پيٽ رهڻ جي ناقابل ٿئي. مقرر ٿيل ڏينهن تي ڳوٺ يا ضلعي جا سڀ ماڻهو وڏي مندر ۾ اچي جمع ٿيندا آهن. اتي، وڏي چونڪ وٽ شيطانن لاءِ نذرانا رکيا ويندا آهن. جڏهن پوڄاري پرارٿنا ڪري پوري ڪندا آهن، تڏهن سنک وڄائي شيطانن کي انهيءَ طعام کائڻ لاءِ کوڙيو ويندو آهي، جو انهن لاءِ تيار ڪيو ويو هوندو آهي. ساڳئي وقت کي ماڻهو اڳتي وڏي، پاڪ بتيءَ مان، جا وڏي پادريءَ جي سامهون ٻرندي رهندي آهي، پنهنجيون مشعلون روشن ڪندا آهن. ان کان هڪدم پوءِ، تماشاين سان گڏ اهي ماڻهو هر طرف ڦهلجي ويندا آهن ۽ سيني رستن ۽ گهٽين مان گهمندي، هيٺ چوندا ويندا آهن تہ "هليا وڃو! نڪري وڃو!" جتان ٻ اهي لنگهندا آهن، اتي اهي ماڻهو، جي گهرن ۾ رهجي ويا هوندا آهن، سي شيطانن کي پڄائڻ ۾ هٽ وٽائڻ لاءِ فوراً گهر جي دروازن، ٽنين، سرن وغيره تي ڪن ڦاڙ آوازن ۾ ٽڪ ٽڪ ڪندا آهن. آهڙيءَ ريت گهرن مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ، شيطان انهيءَ طعام ڏانهن ڊوڙندا آهن، جو انهن لاءِ تيار ڪيو ويو هوندو آهي، ۽ اتي وري پوڄاري بد دعائن ۽ گارين سان سندن استقبال ڪندو آهي، جا ڳالهه ڪين آخر ڪار سڄي ضلعي مان فرار ٿيڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبور ڪندي آهي. جڏهن سيني کان پويون شيطان پڇي ويندو آهي، تڏهن سوت جهڙي خاموشي طاري ٿي ويندي آهي، جا ٻئي ڏينهن تائين بہ هلندي آهي. ماڻهن جو خيال هوندو آهي ته شيطان پنهنجن پراڻن گهرن ڏانهن واپس اچڻ لاءِ منتظر هوندا آهن ۽ کين هن خيال ويهارڻ لاءِ ته بالي، بالي نہ، پر ڪو ويران ۽ بياباني ٻيٽ آهي، ماڻهن کي پنهنجن گهرن کان ڇوويهن ڪلاڪن تائين ٻاهر اچڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. خود رواجي گهريلو ڪم ڪارين، حتيٰ ڪ رڌڻ پچائڻ بہ بند ڪيو ويندو آهي. فقط چوڪيدار ئي گهٽين ۾ ظاهر گهمي سگهندا آهن. سيني جاين تي ڪنڊن ۽ پنن جا هار لٽڪايا ويندا آهن، ته جيئن اجنبين کي اندر داخل ٿيڻ کان جتائڻ رهي. ٽين ڏينهن سس سس وڃي گهيري جهڙي اها حالت ختم ڪئي ويندي آهي، پر ان وقت بہ ٻاهر ٻنين تي وڃڻ ۽ بازار ۾ خريد و فروخت ڪرڻ کان ممانعت ٽيل هوندي آهي. اڪثر ماڻهو گهرن اندر رهندا آهن ۽ سڄو وقت تاس جي پتن ۽ ڏاري سان پاڻ ۾ کي وندرائيندا رهندا آهن.

ٽونڪئين ۾ هڪ "ٽيڪي ڏا" يا بدطنيت روحن جوعام نيڪال ڪڍڻ ڪري سال ۾ هڪ دفعو ڪيو ويندو هو، خاص طرح جڏهن ماڻهن، هاٿين، يا جرنيل جي اصطبل جي گهوڙن يا ملڪ جي چوپائي مال ۾ تمام گهڻو موت واقع ٿيندو هو، جنهن جو سبب ڪتان جا ماڻهو اهڙن ماڻهن جي نقصان رسائيندڙ روحن ڏانهن منسوب ڪندا آهن، جن کي غداريءَ جي ڏوهہ ۾ قتل ڪيو ويو هوندو آهي يا بغاوت ڪرڻ ۽ بادشاهہ، جرنيل يا شهزادن جي سوت آڻڻ لاءِ منصوبي ڪاهڻ جي الزام هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻيو ويو هوندو آهي ۽ انهيءَ سزا جي انتقام وٺڻ لاءِ، جا کين انهن ڏوهن ۾ ڏني ويئي هوندي آهي، اهي بدروح هر شيءَ کي ناس ڪرڻ ۽ خطرناڪ قسم جي ڏاڍائي ڪرڻ لاءِ ڪمرکشي ٻيهندا آهن. انهيءَ صورتحال کي روڪڻ لاءِ سندن وهم پرستيءَ کين انهيءَ "ٽيڪيڊا" جي اداري قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو آهي، جا شيطان کي هڪالي ڪيڻ ۽ ملڪ کي بدارواحن کان پاڪ ڪرڻ جي موزون واٽ آهي." انهيءَ رسم ادا ڪرڻ لاءِ پنجويهين فبروريءَ جي تاريخ وارو ڏينهن مقرر ڪيو ويو هو، جو سندن نئين سال کان، جيڪو پنجويهين جنوريءَ تي شروع ٿيندو هو، پورو هڪ مهينو پوءِ ايندو هو. وچ وارو هڪ مهينو محفلن رچائڻ، هرقسم جي خوشين ڪرڻ ۽ عام آزاديءَ جي مند هئي. سڄي مهيني جي دوران ۾ وڏيءَ مهر جو ڏينهن هيٺ ڪري، ڪيس صندوق اندر بند ڪري رکيو ويندو هو ۽ چٻجي ڪٽي، تہ قانون کي ٽنڊ ڪرائي ويندي هئي. انصاف ڪرڻ واريون سڀ عدالتون بند ڪيون ويندیون هيون، قرضين کي پڪڑي کوڻ سگهبو هو، سنها ٽلها ڏوهہ، جهڙوڪ رواجي چوري، جهيڙو فساد ۽ مارڪٽ ديده دليريءَ سان نظر انداز ڪيا ويندا هئا، فقط بغاوت ۽ خون تي ڏيان ڏنو ويندو هو ۽ ڏوهارين کي تيسين نظر بند رکيو ويندو هو، جيسين وڏي مهر وري ڪم ڪرڻ شروع ڪري. عام آزاديءَ جي انهيءَ عرصي پوري ٿيڻ کان پوءِ بدروحن کي تڙي ڪڍيو ويندو هو. وڏو جرنيل فوج جي تمام گهڻن دستن ۽ توپ خاني کي باقاعده طور مسلح ڪري، کين زرق برق جهنڊا ڏيئي ۽ جنگ جي پوري رعب ۽ داب سان تيار ڪري، "ڏوهاري شيطانن ۽ بد نيت روحن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(چو تہ اهڙيءَ طرح انهن وٽ سوت جي سزا يافتہ ڏوهارين کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳ دعوتن کارائڻ جو رواج آهي) کي گوشت جا نذرانا آڇيندو آهي ۽ کين کائڻ ۽ پيئڻ جي دعوت ڏيندو آهي، ان کان پوءِ جلد ئي هو هڪ عجيب پوليءَ ۾ اکرن ۽ انگن وغيره ذريعي، مٿن اهڙن مختلف گناهن ۽ ڏوهن جو الزام مڙهيندو آهي، جيڪي انهن ڪيا هوندا آهن، جهڙوڪ انهن ملڪ ۾ بي آرامي ڦهلائي آهي، سندس ماڻين ۽ گهوڙن کي ماريو آهي، وغيره، جن سيني لاءِ اهي سزا ڏيڻ ۽ ملڪ مان نيڪالي ڏيڻ جا مستحق آهن. انهيءَ تي، تي وڏيون توبون، آخرين نشانيءَ طور چوڙيون ويندیون آهن، جنهن کان پوءِ سڀ بندوقون ۽ توبون چوڙيون ويندیون آهن، تہ جئين انهن جي انتهائي خطرناڪ آواز کري شيطان ڊڄي ڀڄي وڃن. اهي ماڻهو اهڙا تہ انڌا آهن، جو هن ڳالهہ ۾ يقيني طور اعتبار ڪندا آهن، تہ اهي درحقيقت ۽ بلڪل اثرائتي نمونو سان کين ڇائي ڪيڻ ٿا."

ڪئمبوڊيا ۾ بدروحن جو اخراج مارچ مهيني ۾ ڪيو ويندو هو. ٽئل مجسمن ۽ پٿرن جا ٽڪر، جن کي پوتن ۽ شيطانن جو گهر سمجهيو ويندو هو، جمع ڪري، دارالحڪومت ڏانهن آندا ويندا هتا. اتي ايترا هاڻي جمع ڪيا ويندا هتا، جيترا هڪ هنڌ ڪٿا تي سگهندا هتا. چنڊ جي چوڏهينءَ رات بندوقن جي باڙهہ چوڙي ويندي هئي ۽ شيطانن کي ڇائڻ لاءِ سيئي هاڻي هڪ وقت زبردست حملو ڪندا هتا. اها رسم مسلسل ٽن ڏينهن تائين ادا ڪئي ويندي هئي. سياڻ ۾ پوتن جو نيڪال پراڻي سال جي آخرين ڏينهن تي عمل ۾ آندو ويندو آهي. محلات مان اشاري طور هڪ بندوق چوڙي ويندي آهي، ان جو جواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي اڏي تان ڏنو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ اڏي کان ٻي تائين، تانجو فرن جو اهو سلسلو شهر جي ٻاهرين دروازي تي وڃي پهچندو آهي. اهڙيءَ طرح پوتن کي قدم بقدم هڪالي ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪم ڪرڻ کان هڪ دم پوءِ هڪ مقدس رسي شهر جي گول ديوار جي چوڌاري ٻڌي ويندي آهي تہ جيئن جلاوطن ٽيل شيطانن کي واپس موڪڻ کان روڪي سگهجي. اها رسي سخت قسم جي گاهہ مان ٺهيل هوندي آهي ۽ ان تي گاڙها، پيلا ۽ نيلا پٽا چاڙيا ويندا آهن.

يورپ جي بت پرست قومن ۾ بہ شيطانن، ڊائنٽين ۽ بد اثرن جي سالياني اخراج جي رواج جو، جيڪڏهن اسين سندن پوين ۾ مروج انهن رسمن جي باقي بچيل آثارن مان اندازو لڳايون، تہ آهو آسان کي عام جام ڦهليل معلوم ٿئي ٿو. چنانچہ، ووٽياڪ قبيلي جي بت پرستن ۾، جي مشرقي روس جا فينش نسل جا رهاڪو آهن، گهٽ جون سڀ نوجوان چوڪريون سال جي آخرين ڏينهن يا نئين سال جي پهرين ڏينهن تي، لئين سان مسلح ٿي، جي نون جاين تي جبريل هوندیون آهن، هڪ هنڌ اڇي جمع ٿيندیون آهن. انهن لئين سان اهي گهر جي سيني ڪنڊن ۽ ڪڙڇن ۽ ٻاهرين اڱڻ کي ڏڪ هڻنديون آهن ۽ چوندیون آهن تہ "اسين شيطان کي ڪوٽ کان ٻاهر ٽيون ڪيون." ان کان پوءِ اهي لئيون ڪوٽ کان هيٺ واري درياهہ ۾ اڇلايون ويندیون آهن ۽ جئين اهي هيٺ لهنديون ويندیون آهن، تئين شيطان انهن سان ٻئي ڪوٽ ڏانهن هليو ويندو آهي، جتان وري کيس هڪالي ڪيڏو پوندو آهي. ڪن ڪن ڳوٺن ۾ اها نيڪالي وري ٻئي نموني عمل ۾ آندي ويندي آهي. ڪنوارا مرد ڳوٺ جي هرهڪ گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان اڻ چاهيل اناج جا داڻا، گوشت ۽ برانڊي وڻندا آهن. انهن سيني شين کي اهي باهر ٻنين ۾ ڪٽي ويندا آهن، ۽ فرٻ- وڻ هيٺان باهم هاريندا آهن، اناج جي داڻن کي جوش ڏيندا آهن ۽ هي الفاظ ادا ڪري، ته "ويراني ڏانهن منهن ڪر ۽ گهر ڏانهن واپس نه موڙجانءِ"، سڀ ڇٽا اهو ڪاڏو ڪائيندا آهن، جيڪو ڳوٺ کان پاڻ سان گڏ ڪٽي آيا هوندا آهن. پوءِ اهي ڳوٺ ڏانهن واپس ورندا آهن ۽ هر اهڙي گهر ۾ داخل ٿيندا آهن، جنهن ۾ ڪي نوجوان عورتون هونديون آهن. انهن نوجوان عورتن کي اهي پڪڙي برف ۾ اڇلائيندا ۽ هيٺ چوندا آهن ته "شل بيماريءَ جا ارواح توکي ڇڏي وڃن." اڻ چاهيل اناج جا داڻا ۽ پئي ڪاڏي جي باقي بچيل اوپر پوءِ سيني گهرن ۾ انهيءَ تناسب سان تقسيم ڪئي ويندي آهي، جيترو آن هرهڪ گهر ڏنو هوندو آهي ۽ هرهڪ گهر پنهنجو حصو ڪائي ختم ڪندو آهي. مالميز ضلعي جي ووٽياڪ قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ جي قول مطابق، نوجوان مرد هر اهڙي ماڻهوءَ کي برف تي اڇلائيندا آهن، جنهن کي اهي گهر اندر ڏسندا آهن ۽ انهيءَ کي "شيطان کي ڏکي باهر ڪيڻ" سڏيو ويندو آهي ۽ ان کان سواءِ، جوش ڏيارڻ اناج جي داڻن سان ڪجهم مقدار هنن لفظن سان باهم ۾ اڇلايو ويندو آهي، ته "اي ديوتا، اسان کي بيماريءَ ۽ وبا سان تڪليف نه ڏجاءِ ۽ اسان کي ٻيلي جي پوتن جي حوالي نه ڪجاءِ". ۾ سيني کان زياده قديم رسم اها آهي، جا ڪاسان حڪومت جا ووٽياڪ ادا ڪندا آهن. سڀ کان اول "شيطان" کي منجهند جي وقت هڪ قرباني پيش ڪئي ويندي آهي. پوءِ سڀ مرد گهوڙن جي پٺيءَ تي چڙهي ڳوٺ جي وچ ۾ اچي جمع ٿيندا آهن ۽ اتي بيهي اهو فيصلو ڪندا آهن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڑي گھر سان شروعات ڪجي. جڏهن انهيءَ سوال جو فيصلو ٿي ويندو آهي، جو گھٽو ڪري گرما گرم جھيڙي جھٽي جو باعث ٿيندو آهي، تڏهن سپيئي چٽا پنهنجا گھوڙا ٻڌندا آهن ۽ چھبڪن، ليمي جي وٽن جي ڏنڊن ۽ ٻريل ٻُوڙن جي مُڇن سان پاڻ کي مسلح ڪندا آهن. ماڻهو سمجھندا آهن ته ٻريل ٻُوڙا 'شيطان' لاءِ وڏي ۾ وڏي خوف جو باعث هوندا آهن. اهڙيءَ طرح مسلح ٿي، اهي پوائتيون رڙيون ڪندا، هر هڪ گھر ۽ ايوان ۾ ڏڪ هٽندا آهن. پوءِ دروازا بند ڪندا آهن ۽ باهر تڙيل شيطان کي ٽڪون هٽندا آهن. اهڙيءَ ريت اهي هڪ ڪان ٻئي گھر ويندا آهن، تانجو شيطان هر گھر مان تڙجي نڪرندا آهن. پوءِ وري اهي گھوڙن تي سوار ٿيندا آهن ۽ رڙيون ڪندا ۽ ڏنڊن کي هرطرف ڦيرائيندا، ڪوٽ کان باهر ويندا آهن. ڪوٽ کان باهر نڪري، اهي پنهنجا ڏنڊا ڦٽي ڪندا آهن ۽ هڪ دفعو ٻيهر "شيطان" کي ٽڪون هٽندا آهن. مشرقي روس جي فينش نسل واري هڪ ٻي قوم، چيريمس، جا ماڻهو پنهنجن گھرن جي ديوارين کي ليمي جي وٽ جي ڪائيءَ جي ڏنڊن سان ڏڪ هڻي "شيطان" کي باهر ڪيندا آهن. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهي بندوقون چوڙيندا آهن، ڏرتيءَ کي خنجر ٽوڪيندا آهن ۽ چيرن ۾ ۾ ڪائيءَ جا برندڙ چوڏا وجھندا آهن. ان کان علاوه، اهي ٻاه جي مڇن مڙان ٽپ ڏيندا آهن ۽ ائين ڪندي اهي پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيندا آهن، ۽ ڪن ضلعن ۾ اهي ڪيس ڏيڇائي پڇائڻ لاءِ ليمي جي وٽ جي چوڏي مان ٿهيل ڏگھا توتارا وڃائيندا آهن. جڏهن اهو شيطان ٻيلي ڏانهن پڇي ويندو آهي، تڏهن اهي وٽن کي پنير جي انهن ٽڪين ۽ ڪيڪن مان ڪن سان ڪٽيندا آهن، جن سان محفل مهيا ڪئي ويئي هئي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسائي يورپ ۾ سال جي ڪن وقتن تي برائيءَ جي طاقتن کي هڪالي ڪيڏ جي قديم بت پرستانہ رسم جديد دور تائين زنده رهندي آئي آهي. چنانچہ، ڪئالا بريا جي ڪن ڳوٺن ۾ مارچ مهيني جو افتتاح ڊانئٽين کي هڪالي ڪيڏ سان ڪيو ويندو آهي. اها نيڪالي رات جي وقت ديولين جي گهنڊن جي آواز ۾ سرانجام ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهو گهٽين ۾ ڊوڙندا ۽ هيٺ چوندا ڦرندا آهن، تہ "مارچ اچي ويو"، "مارچ اچي ويو". ماڻهو چوندا آهن تہ مارچ ۾ ڊانئٽيون ڦرنديون گهڙنديون آهن ۽ انهيءَ مهيني ۾ اها رسم هر جمعي ڏينهن وري وري ادا ڪئي ويندي آهي. گهٽو ڪري ائين سمجهيو ويندو آهي، جيئن ٻڙهندڙن اڳ ئي سمجهيو هوندو، تہ هڪ قديم بت‌پرستانہ رسم پاڻ کي ديول جي تقريبن سان اٽڪائي چڏيو آهي. آلبانيا ۾ "ايسٽر شام ڏينهن نوجوان ماڻهو لاڪ واريءَ ڪائيءَ سان مشعلون ٻاريندا آهن. انهن کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندا، ڪوڪ سان جلوس جي صورت ۾ لنگهندا آهن. آخرڪار، اهي مشعلون درياه ۾ اڇلائيندا آهن ۽ رڙيون ڪندا آهن تہ "ها، ڪورا اسين توکي هنن مشعلن وانگر درياه داخل ٿا ڪريون، تہ جيئن اوهين ڪڏهن بہ واپس نہ اچو". سائليشيا جا ڪڙمي هيءَ اعتقاد رکندا آهن تہ گبڙ فرائيڊي ڏينهن ڊانئٽيون پنهنجن چڪرن تي نڪرنديون آهن ۽ شرارت ڪرڻ لاءِ وٽن وڏي طاقت هوندي آهي. چنانچہ، اسٽريهلٽز جي پرسان، اوئيلس وٽ انهيءَ ڏينهن ماڻهو پاڻ کي پراڻين ٻوهارين سان مسلح ڪري، ڊانئٽين کي جاين ۽ گهرن مان، زميندارن گهرن ۽ چوپائي مال جي ولرن مان وڏي گوڙ گهمسان ۽ ڪڙڪن سان نيڪالي ڏيندا آهن.

مرڪزي يورپ ۾ ڊانئٽين کي تڙي پاهر ڪيڏ جو مقبول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت، والپرجس رات، يعني سي-ڏينهن واري شام آهي يا هئي، جڏهن انهن شرير هستين جي نقصانڪار طاقتن کي پنهنجي عروج تي سمجهيو ويندو آهي. مثال طور ٽائرول ۾، جيئن پين هنڌن ۾ پڻ ڪيو ويندو آهي، برائيءَ جي طاقتن جي انهيءَ موسم ۾ نيڪاليءَ کي عام طرح "ڏانڻين کي ساڙي ڇڏڻ" سڏيو ويندو آهي. اها تقريب "سي-ڏينهن" تي ملهائي ويندي آهي، پر ماڻهو ان جي تياري ڪرڻ ۾ گهڻي وقت کان وٺي مصروف رهندا آهن. خميس واري هڪ ڏينهن اڳ رات جو لاڪ واريءَ کائيءَ، چوڏن، ڪارن ۽ ڳاڙهن ٽيڪن واري "هيرلاڪ" ٻوٽي، ۽ "سلو" تالي هڪ ٻوٽيءَ جون ننڍڙيون ڳڙيون ڳاهيون ويندیون آهن. اهي محفوظ رکيون ويندیون آهن ۽ "سي-ڏينهن" تي انهن کي اهي ماڻهو هاريندا آهن، جن کليسا کان مڪمل معافي حاصل ڪئي هوندي آهي. اپريل جي آخري ڏڻ ڏينهن تي گهرن کي صاف ڪيو ويندو آهي ۽ "جيونيپر" ٻيرن ۽ "رو" ٻوٽيءَ سان انهن کي ڏوپ واس ڏنو ويندو آهي. "سي-ڏينهن" تي، جڏهن شام جو گهنڊ وڄي چڪو هوندو آهي ۽ رات قريب ٿيندي ويندي آهي، تڏهن "ڏانڻين کي ساڙي ڇڏڻ" جي رسم شروع ٿيندي آهي. مرد ۽ چوڪرا چهبڪن، گهنڊن ۽ برتنن سان وڏو گوڙ گهمسان مچائيندا آهن، زالون وري ڏوپ جا برتن ڪٽي هلنديون آهن، ڪتن کي ڪولي ڇڏيو ويندو آهي، جي ڀؤنڪندا ۽ ٻون ٻون ڪندا، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا وتندا آهن. جيئن ئي ديول جا گهنڊ وڄڻ شروع ڪندا آهن، تيئن ڪاڙين جي انهن بندلن کي، جي لڪڙن سان ٻڌل هوندا آهن، باهه ڏني ويندي آهي ۽ ڏوپ کي ساڙيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندڙو آهي. پوءِ تہ سيني گهرن جا گهنڊ ۽ مانيءَ تي سڏڻ جا گهنڊ وڄڻ شروع ڪندا آهن، ٽانو ۽ برتن هڪٻئي سان ٽڪرايا ويندا آهن، ڪتا پوئنڪندا آهن ۽ هر هڪ کي ان وقت گوڙ گهمسان ۾ شريڪ ٿيڻو هوندو آهي. انهيءَ سڄي ها، هوو ۾، سيٽي وڏي آواز سان ڪيڪون ڪندا آهن :

"ڏانڻڻ ڇڄ، ڇڄ هتان، يا توسان ڇگائي نہ ٿيندي."

پوءِ اهي ست دفعا گهرن، واڙن ۽ ڳوٺ جي چوڌاري ڦيريون پائيندا آهن. اهڙيءَ طرح ڏانڻين کي دونهون ڏيئي، سندن لکي رهڻ وارين جايڙ، مان ڪين ڪيڏيو وڏو آهي. والپرجس رات تي ڏانڻين کي هڪالي ڪيڏ جي رسر ٻوٻريا جي گهٽن حصن ۽ بوهيميا جي جرمن باشندن ۾ اڇا تائين يا ويجهڙائيءَ وارن سالن تائين، ادا ڪئي ويندي هئي. چنانچہ، بوهمروالڊ جبلن ۾، ڳوٺ جا سڀ نوجوان ماڻهو شام کان پوءِ ڪنهن اوچيءَ جاءِ، خاص طرح ڪنهن چونڪ، تي اچي ڪٺا ٿيندا آهن ۽ پنهنجيءَ پوريءَ طاقت سان ڪجهہ وقت تائين گڏجي چهبڪن سان ٽڪاءَ ڪيندا آهن. اهو عمل ڏانڻين کي ڇاڄي ڪيندو آهي، ڇو تہ جيتريءَ دوريءَ تائين اهو آواز پڏڻ ۾ ايندو هوندو، اوتري تائين اهي برائي ڪندڙ هستيون کوڙ ضرر رسائي نہ سگهنديون. ڪن هنڌن تي وري جڏهن نوجوان ماڻهو چهبڪن سان ٽڪاءَ ڪيندا رهندا آهن، ان وقت ئي ڏنار پنهنجا سنگ وڃائيندا آهن ۽ ان جا ڏڳها ڏگها آواز، جي رات جي سناٽي ۾ دور دور تائين پڏڻ ۾ ايندا آهن، ڏانڻين جي ڪارروائين تي بندش وڇهڻ لاءِ ڏاڍا اثرائتا هوندا آهن.

ڏانڻين کي شڪار ڪرڻ جو هڪ ٻيو وقت، ناتال ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*ايپيفني جي درسيان وارو پارنهن ڏينهن جو عرصو آهي. چنانچ، سائليشيا جا ماڻهو ناتال ۾ نئين سال جي وچ واري عرصي ۾ سجيءَ رات تائين "پائين" وڻ جي لاڪ پاريندا رهندا آهن، ته جيئن بدبودار ۽ تيز دونهون ڏانڪيئن ۽ بد روحن کي گهرن ۽ جاين مان ڪڍي ڇڏي، ۽ ناتال واريءَ شام ۽ نئين سال جي ڏينهن واريءَ شام تي، اهي پنين ۽ ڪيتن، پوڻن ۽ وڻن مٿان گوليون چوڙيندا آهن ۽ ميوبدار وڻن کي بدروحن جي نقصان کان بچائڻ لاءِ، انهن جي چوڌاري گاهه ويڙهي چڏيندا آهن. نئين سال جي ڏينهن واريءَ شام تي، جو سينٽ سلوسيٽر جو ڏينهن آهي، بوهيميا جا چوڪرا، بندوقن سان مسلح ٿي، گول چڪرن جي صورت ۾ ٿهي بيهندا آهن ۽ ٽي دفعا هوا ۾ گوليون چوڙيندا آهن. انهيءَ کي "ڏانڪيئن کي فٽ ڪرڻ" چيو ويندو آهي ۽ عام اعتقاد آهي ته ڏائڻيون انهيءَ طرح ڏچي ويندڙيون آهن. انهن پارنهن پُر اسرار ڏينهن مان پويون، "ايپيفني" يا "پارنهين رات" هوندو آهي ۽ انهيءَ رات کي يورپ جي مختلف علاقن ۾، برائيءَ جي قوتن جي نيڪاليءَ جي سوزون موسم ڪري منتخب ڪيو ويو آهي. چنانچ، ليوسرين ڏنڪ تي، برونين وٽ، چوڪرا "پارنهينءَ رات" جلوس ڪيندا آهن، مشعلون کڻي گهمندا آهن ۽ سنگن، گهنڊن چهبڪن وغيره سان، پيلي جي ٻن ماڻهن روحن، اسٽروڊيلي ۽ اسٽرائيلي کي ڊيڄاري ڪڍڻ لاءِ، وڏو شور ۽ غل ڪندا آهن. ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن اهي ڪافي وڏو آواز ڪندا، ته

* ٦ جنوريءَ تي ادا ٿيندڙ هڪ عيسائي رسم، انهيءَ رات حضرت مسيح غير يهودين کي پنهنجو ديدار ڪرايو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ سال ٽورو ميوو ٽيندو. وري لئبروجيئر ۾، جو ڏکڻ فرانس جو هڪ ضلعو آهي، "بارنهينءَ رات" جي شام جو ماڻهو گهٽين ۾ ڊوڙندا آهن، گهنڊ وڄائيندا آهن، ڪيتليون ٽڪرائيندا آهن، ۽ بي سري آواز پيدا ڪرڻ لاءِ سيپ ڪجهه ڪندا آهن. پوءِ مشعلن جي روشنائيءَ ۾ ٻرندڙ ڪاٺين جي شعلن ۾، اهي هڪ وڏو هڙ ۽ هنگامو برپا ڪندا آهن، ڪن-ڦاڙ آواز بلند ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح رلندڙ ڊوتن ۽ شيطانن کي شهر کان ٻاهر تڙي ڪيڻ جي توقع رکندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستونجاهون

عام صدقي جا پڪرا

۱- **جسم اندر سمايل برائين جو نيڪال :** هن حد تائين اسان برائين جي انهيءَ عام نيڪال سان واسطو رکيو آهي، جنهن کي سون سڏو يا فوري اخراج سڏيو آهي. انهيءَ صورت ۾ برايون غائب آهن، ڪم از ڪم عام ماڻهوءَ جي نظر کان پوشيده آهن ۽ انهن کان نجات حاصل ڪرڻ جو طريقو زياده تر حالتن ۾ خالي هوا کي ڏکن هڻڻ يا ايتري شور ۽ غوغا برپا ڪرڻ جو آهي، جيکو انهن شرير روحن کي ڊيڄائي، راه فرار اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. هينئر اسان کي نيڪاليءَ جو ٻيو قسم مثالن ذريعي سمجهڻو آهي، جنهن ۾ بد اثر ڪنهن ظاهر ظهور صورت يا جسم اندر سمايل ٿين ٿا يا ڪم از ڪم انهن کي ڪنهن اهڙي مادي وسيلي مثلن سوار ٿيل سمجهيو وڃي ٿو، جيکو انهن کي ماڻهن مان ۽ گوٺ يا شهر کان ٻاهر ڪڍي وڃڻ لاءِ نقل و حرڪت جي هڪ ذريعي جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

ڪئليفورنيا ۾ آباد پومو قبيلي وارا شيطانن کي نيڪاليءَ ڏيڻ جي رسم هر ستين سال ادا ڪندا آهن، جنهن ۾ شيطانن جو ڪردار چمڙا پوش ماڻهو ادا ڪندا آهن. ”ويهم يا ٽيهم ماڻهو عجيب و غريب ۽ پوائتا نقاب ۽ ڪپڙا پائي، مٿن تي پگهريل ڏاڙهي جا برتن رکندا آهن، پوءِ اهي لڪي ڇپي آس پاس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جبلن ڏانهن ويندا آهن. انهن ماڻهن کي شيطانن جو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو آهي. هڪ نقيب گوٺ جي جماعت خاني جي ڪوڻي تي چڙهي ويندو آهي ۽ ماڻهن جي ميڙ اڳيان تقرير ڪندو آهي. مقرر ٽيل اشاري تي، جو شام وقت طئي ڪيو ويندو آهي، اهي نقاب پوش جبلن کان باهر نڪري، مٿن تي هرندڙ ڏامر جا برتن رکي، آواز، حرڪت ۽ لباس جي انهيءَ سڄي ساري پوائني ساز و سامان سان گڏ، جنهن جو هڪ وحشيءَ جو دماغ شيطان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ تصور ڪري سگهي ٿو، گوٺ ڏانهن ايندا آهن. ڏنل عورتون ۽ بار حياتيءَ بچائڻ لاءِ وٽي پڇندا آهن، مرد کين هڪ گول چڪر اندر وڃي ڪڏو ڪندا آهن، ۽ شيطان سان باهم سان وڙهڻ جي اصول مطابق، اهي هرندڙ ڪانيون هوا ۾ اڇلائيندا آهن، رڙيون ڪندا آهن، اونائيندا آهن ۽ حملہ آور شيطانن کي مارڻ لاءِ مٿن خطرناڪ وار ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح هڪ اهڙو پوائتو منظر پيدا ڪندا آهن ۽ جمع ٽيل سون عورتن جي دلين ۾ ڊپ پيدا ڪندا آهن، جي چيخون ڪندي ڪندي ۽ بيهوش ٿيندي، پنهنجن بهادر بچائيندڙن کي چنبڙي پونديون آهن. آخر ۾، شيطان جماعت خاني اندر داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ۽ سيني کان زياده بهادر ۽ دلير مرد اندر داخل ٿي، ساڻن ناهم جون ڪالهيون هلائيندا آهن. انهيءَ ڪل جهڙي ناٽڪ جي بچاڻيءَ طور مرد همت ٻڌي، شيطانن کي جماعت خاني مان هڪالي باهر ڪيندا آهن ۽ کين وڏي دنگي فساد ۽ جنگ وجدل جي سانگ سان جبلن ڏانهن ڏڪي، گوٺ کان باهر هڪالي ڪيندا آهن." موسم بهار ۾، جڏهن درياه جي ڪناري بيد جي وڻن جا ٻن وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا ٿيندا هئا، تڏهن مٿين قبيلي جا ڳاڙها هندستاني پنهنجي وڏي سالياني تقريب ملهائيندا هئا، جنهن جي مختلف خصوصيتن سان هڪ، شيطان کي نيڪالي ڏيڻ جي هئي. هڪ ماڻهو ڀاڻ کي ڪارو رنگ هڻي، شيطان جي نمائندگي ڪندي، گاهه وارن ميدانن طرفان اچي ڳوٺ ۾ داخل ٿيندو هو، زالن جي پٽيان پوندو هو، ڪين ڏيڇائيندو هو ۽ مينهن واري ناچ ۾ پاڏي جو ڪردار ادا ڪندو هو، جنهن جو مقصد ايندڙ سال لاءِ جهجهي مقدار ۾ مينهن حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ هو. آخر ڪار، ڪيس ڏيکائي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو، زالون سندس پٽيان هوڻ، ها ۽ طعني بازي ڪنديون، لٽين سان ماريندیون ۽ مٿانئس گند ڪچرو اڇلائيندیون ويندیون هيون.

مرڪزي ڪئينسلنڊ جون ڪي مقامي قومون مولونگا نالي هڪ خطرناڪ هستيءَ ۾ اعتقاد رکنديون آهن، جا نظرن کان غائب رهي، هرطرف نوسيندي ڦرندي آهي. جيڪڏهن ان جي خلاف ڪي رسمون ادا نه ڪيون وڃن، تہ اها هستي ماڻهن کي هوند ماري وجهي ۽ زالن جي عصمت تي حملو ڪري. اهي رسمون پنجن راتين تائين هلنديون آهن ۽ انهن ۾ اهڙا ناچ ڪيا ويندا آهن، جن ۾ فقط اهڙا مردَ حصو وٺي سگهندا آهن، جن جي جسمن مٿان پوائٽي نموني سان رنگ ٿڦيل هوندا آهن ۽ اهي عجيب نموني سان سينگاريل هوندا آهن. پنجينءَ رات تي خود مولونگا، جنهن جي نمائندگي هڪ اهڙو مرد ڪندو آهي، جنهن جي سڄي بدن تي ڳاڙهو رنگ ۽ ڪنبي ٿڦيل هوندا آهن ۽ جنهن جي هٿ ۾ ڪنين سان سينگاريل نوڪ وارو هڪ ڀالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، اونداهيءَ وچان اوچتو تماشاين مٿان اچي ڪڙڪندو آهي ۽ اهڙو ڊيڪاءُ ڪندو آهي، جڏ تہ انهن کي ختم ڪري ڇڏيندو. پوءِ وڏو طوفان مچي ويندو آهي، هر طرف کان چيخ و پڪار پئي ٻوندي آهي، پر هڪ وڌيڪ حملي جي ڏونگ ڪرڻ بعد، شيطان اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويندو آهي. سال جي پوئينءَ رات تي، ڪئمبوديا جي بادشاهن جي محلات کي شيطانن کان پاڪ ڪيو ويندو آهي. پوتن وانگر رنگيل ماڻهن جي پليان محلات جي ميدانن ۾ هاٿي ڊوڙايا ويندا آهن. جڏهن انهن کي خارج ڪيو ويندو آهي، تڏهن انهن کي باهر رکڻ لاءِ محلات جي چوگرد سُٽ جو هڪ مقدس ڏاڪو ويڙهيو ويندو آهي. ڏکڻ هندستان ۾، ميسور جي هڪ ضلعي، منظر آباد، ۾ جڏهن هيضي يا ماتا جو مرض ڪنهن ڳوٺ ۾ ڦهلجي ويندو آهي، تڏهن آتان جا رهاڪو هڪ هنڌ جمع ٿي، مرض جي پوت کي ڪاٺ جي هڪ مجسمي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ منٿون ڪندا آهن ۽ اُن کي، گهٽو ڪري اڌ رات جو، پئي ڳوٺ ڏانهن ڪڍي ويندا آهن. انهيءَ ڳوٺ جا رهاڪو وري ساڳئي نموني سان اهو مجسمو پنهنجي پاڙيسرين کي پهچائيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح پوت کي هڪ کان پئي ڳوٺ ڏانهن نيڪالي ڏني ويندي آهي، تانجو اهو درياهه جي ڪناري تي پهچي ويندو آهي، جتي ڪيس پاڻيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي.

زياده حالتن ۾ وري خارج ڪيل پوتن جي نمائندگي بلڪل ڪانہ ڪئي ويندي آهي، پر انهن کي غيبي طورمادي ۽ ظاهر وسيلي ۾ موجود سمجهيو ويندو آهي، جو کين ڪٽي گهمندو ڦرندو آهي. هتي، وري ڪن موقعن تي نيڪالي ڏيڻ ۽ ڪن مقرر عرصن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ نيڪالي ڏيڻ جي درميان فرق کي سميز ڪرڻ آساني پيدا ڪندو. ان ڪري اسين پهرين حالت سان شروعات ڪريون ٿا.

۲- مادي وسيلي ۾ موجود برائين جو وقتي نيڪال :

جيڪو وسيلو پوتن کي دور ڪٽي وڃي ٿو، سو مختلف قسمن جو ٿي سگهي ٿو. هڪ اهڙو عام وسيلو هڪ نديءَ جهاز يا ٻيڙي آهي. چانچ، سيرام پيٽ جي هڪ جنوبي ضلعي ۾، جڏهن سڄي ڪوٽ اندر ڪا بيماري ڦهليل هوندي آهي، تڏهن هڪ نديءَ جهاز ٺاهيو ويندو آهي، جنهن ۾ چانور، تماڪ، ڪڪڙ جا آنا وغيره پريا ويندا آهن، جي سيني ماڻهن گڏجي ٿورا ٿورا ڪري ڏنا هوندا آهن. جهاز کي هڪ نديءَ سڙهه هنيون ويندو آهي. جڏهن سڀ تياري مڪمل ٿي چڪندي آهي، تڏهن هڪ ماڻهو تمام وڏي آواز ۾ چوندو آهي ته "اي، اوهين سڀ بيمارين، اوهين ماتائون، سورَ، لاڪڙا، وغيره، جي اسان وٽ ايتري گهٽي وقت کان ولي آيا آهيو ۽ اسان کي اهڙي درد ناڪ نموني سان ڳاري ڇڏ ڪيو آٿوَ، ۽ جي هينئر اسان کي تنگ ڪرڻ کان بس ڪري رهيا آهيو، اسان اوهان لاءِ هيءَ جهاز تيار ڪيو آهي ۽ ايترو سڏو سامان جمع ڪيو آهي، جو اوهان لاءِ سڄي سفر جي دوران ۾ ڪافي ٿيندو. اوهان کي ڪاڏي، پان جي‌پنن، سوپارين ۽ تماڪ جي ڪابه ڪمي محسوس ڪانه ٿيندي. وڃو ۽ اسان وٽان هڪدم جهاز هاڪاري وڃو، اسان‌جي قريب وري نه اچجو، ۽ اهڙي ملڪ ڏانهن وڃو، جو هتان کان تمام گهٽو دور هجي. شل سڀ لهرون ۽ هوائون اوهان کي تيز رفتاريءَ سان ان طرف ڦوڪون ڏيئي پهچائين" ۽ اوهان کي اهڙيءَ طرح اوڏانهن پهچائين، جو ايندڙ ڪجهه وقت تائين اسين خوش ۽ تندرست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهون ۽ شل اسين اوهان سڀان سڀ کي طلوع ٿيندي وري ڪڏهن
ب نہ ڏسون۔" پوءِ ڏهه يا ٻارهان ماڻهو انهيءَ جهاز کي سمنڊ
جي ڪناري ڏانهن ڪٽي ويندا آهن۔ ان کي بري هوائن سان گڏ
پاڻيءَ ۾ لوڙهي چڏيندا آهن۔ اهڙيءَ طرح انهن کي خاطري
ٿيندي آهي ته اهي هميشه يا گهٽ ۾ گهٽ ٻئي وقت تائين
بيماريءَ کان آزاد رهندا۔ جيڪڏهن اها بيماري وري ب سڀن غالب
پوندي آهي، ته انهن کي پڪ هوندي آهي ته اها ساڳي نہ، پر
ڪا ٻي بيماري آهي، جنهن کي ڪجهه وقت کان پوءِ اهي ساڳيءَ
طرح خارج ڪري چڏيندا آهن۔ جڏهن پوتن سان پريل جهاز نظرن
کان غائب ٿي ويندو آهي، تڏهن ان جا حمال واپس ڪوٽ ايندا
آهن، جنهن تي آهو ماڻهو وڏي واڪي سان چوندو آهي، "بيماريون
هينئر هليون ويئون آهن، غائب ٿي ويئون آهن، ڪين جلاوطن
ڪيو ويو آهي ۽ اهي جهاز ۾ چڙهي هيتان هاڪاري ويڙين آهن۔"

ساڳين رسمن کان ايسٽ انڊيز جي ٻين ٻيٽن ۾ ب ڪر
ورتو ويندو آهي۔ چنانچه، تيمور-لات ۾ اهڙن پوتن کي لڳڻ لاءِ،
جي بيماري پيدا ڪري رهيا هوندا آهن، ٻن سڙهن واريءَ هڪ
پيڙيءَ کي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو هڪ مجسمو ۽ وڏي سفر لاءِ
سيڊو سامان رکيل هوندو آهي، هوا ۽ ويرن سان لڙهي وڃڻ ڏنو
ويندو آهي۔ جنهن وقت ان کي پاڻيءَ اندر هلايو ويندو آهي،
تنهن سهل ماڻهو رڙ ڪري چوندا آهن ته "اي بيماري، هتان هلي
وڃ، پنتي سوت، تون هن غريب ملڪ ۾ ڇا ٻيئي ڪرين؟"
انهيءَ کان ٿي ڏينهن پوءِ، هڪ سوئر کي ماريو ويندو آهي ۽
سندس گوشت سان ڪجهه حصو ڏيوڏيلها کي پيش ڪيو ويندو
آهي، جو سڄ اندر رهندو آهي۔ سيني کان زياده، هڪ پوڙهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو چوندو آهي، "تہ اي پوڙها سائين، آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان تہ پوٽن ۽ ڏهٽن، ٻارن، زالن ۽ مردن کي خوش ڪريو، تہ جيئن اسين جانور ۽ سوئر جو گوشت کائي، ۽ ڪجيءَ جو شراب پي سگهون. آءٌ پنهنجي وعدي کي پاڻي ڏيندس. پنهنجو حصو کاءٌ ۽ ڳوٺ جي سڀني ماڻهن کي خوش ڪر". جيڪڏهن اها ٻيڙي ڪنهن آباد هنڌ تي ڦاسي، زمين تي نڪري ايندي، تہ بيماري آتي ڦٽي پوندي. چنانچہ، ساحل وارن ماڻهن ۾ زمين ۾ قاتل اهڙي ٻيڙي تمام گهڻو ڊپ پيدا ڪندي آهي ۽ اهي هڪدم ان کي ساڙيندا آهن، چوتہ پوت باه کان ڀڄندا آهن. بورو نالي هڪ ٻيٽ ۾ اهڙي ٻيڙي، جا مرض جي پوٽن کي کٽي ويندي آهي، گهڻو ڪري ويهہ فوٽ ڊگهي هوندي آهي ۽ منجهس سڙه، ونجهہ ۽ لنگر وغيره رکيل هوندا آهن ۽ ان کي کاڌي پيتي جي سامان سان پريو ويندو آهي. هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات تائين ماڻهو گهنڊ ۽ دهل وڄائيندا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي، پوٽن کي ڊيڄارينداڙهندا آهن. ٻئي ڏينهن صبح جو، ڏهہ ڊگها ۽ طاقتور نوجوان مرد ماڻهن کي وڻن جي ٽارين سان ڏڪ هڻندا آهن، جن کي منيءَ جي برتن ۾ رکيل پاڻيءَ اندر اڇوٽ ٻوڙي رکيو ويندو آهي. جڏهن انهن اها ڪارروائي ڪري ختم ڪئي هوندي آهي، تڏهن اهي سمنڊ جي ڪناري ڏانهن ڊوڙي ويندا آهن، اهي ٽاريون ننڍيءَ ٻيڙيءَ ۾ اڇلائيندا آهن ۽ هڪ ٻي ٻيڙي تمام گهٽيءَ عجلت سان تيار ڪري، بيماريءَ سان پريل ٻيڙي ان سان ٻڌي، ٻنهي کي دور سمنڊ ڏانهن گهلي وڃي ويندا آهن. اتي پهچي، اهي انهن کي الڳ ڪري ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ماڻهن سان هڪ ڇٽو زوردار آواز سان چوندو آهي، تہ "اي ڏاڏا ماتا جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرض، هليو وچ - رضامنديءَ سان هليو وچ - وچ، وڃي کو
ٻيو ملڪ ڏس، اسان تنهنجي مسافريءَ لاءِ ڪاڏو تيار ڪيو آهي،
اسان وٽ هينئر باقي ٻيو ڪجهه ۽ ڏيڻ لاءِ بچيل ڪونهي."
جڏهن اهي واپس ڪناري ڏانهن سوڀي ايندا آهن، تڏهن سڀ
ماڻهو گڏجي سمنڊ ۾ وهنجندا آهن. هن رسم ۾ ماڻهن کي وڻ
جي ٽارين سان ڏکن هٿ جو سبب صاف طرح انهن کي بيماريءَ
جي پوتن کان ڇڏائڻ جو آهي، جن لاءِ پوءِ اڻين سمجهيو ويندو
آهي ته اهي انهن ٽارين ڏانهن منتقل ٿي وڃن ٿا. ان ڪريءَ
ٽارين کي ننڍيءَ ٻيڙيءَ ۾ اڇلائي، ڪيس ٻيءَ ٻيڙيءَ سان ٻڌي
سمنڊ ڏانهن ڪڍي وڃن ۾ ايتري قدر ٽڪر ڪئي ويندي آهي.
اهڙيءَ طرح سيرام جي اندروني ضلعن ۾، جڏهن ماڻا جي بيماري
يا ٻيو ڪو مرض ڦهليل هوندو آهي، تڏهن پوجاري سيني گهرن
کي مقدس ٽارين سان ڏڪ هڻندو آهي ۽ پوءِ انهن کي ٻاڻيءَ ۾
اڇلائيندو آهي، ته جيئن اهي سمنڊ ڏانهن وهي وڃن، بلڪل
ساڳيءَ طرح جيئن روس جي ووٽياڪ قبيلي وارن ۾، انهن لئين
کي، جن سان شيطانن کي ڳوٺ مان هڪاليو ويو هوندو آهي،
درياه ۾ اڇلايو ويندو آهي، ته جيئن ٻاڻيءَ جو وهڪرو انهيءَ
نقصانڪار بار کي وهائي ڪڍي وڃي. ٻيڙيءَ اندر بيمار ماڻهن جي
نمائندگي ڪرڻ لاءِ گڏن کي ويهارڻ جي ترڪيب ٿي، ته جيئن
پوتن کي انهن جي ٻنيان وڃڻ لاءِ لالچايو وڃي، غير معمولي
ناهي. مثال طور، بورنيو جي ساحل تي آباد بت پرست قومن
سان اڪثر، وڇڙندڙ بيماريءَ کي هيڻيءَ ريت هڪالي ڪيڻ
جي ڪوشش ڪنديون آهن. اهي ڪجيءَ جي ڪپ مان هڪ يا
وڌيڪ ماڻهن جا بي ڊولا مجسما اڪيري ٺاهيندا آهن ۽ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي هڪ ننڍڙي ٻتيلي يا ٻيڙيءَ يا سڄي ساز و سامان واري هڪ مڪمل جهاز ۾ جانورن ۽ ڪجهه ڪاڏي سان گڏ رکندا آهن. ٻيڙيءَ کي سوپارين جي ڪجيءَ جي ٻور ۽ سندس ٻنن سان ٺاهيل پٽين سان سينگاريو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٺاهيل ۽ سينگاريل ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ کي لهندڙ ويڑ سان گڏ سمنڊ ڏانهن لوڙهي ڇڏيو ويندو آهي جا، ماڻهن جي احمقانہ خيال يا اميد مطابق، بيماريءَ کي پاڻ سان گڏ کڻي ويندي آهي.

عام طرح، جيڪو وسيلو سڄيءَ قوم جي جمع ٿيل ٻوٽن يا براين کي کڻي ويندو آهي، سو ڪو ئي جانور يا صدقي جو ٻکرو هوندو آهي. هندستان جي مرڪزي صوبن ۾، جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪالرا ڦهليل هوندي آهي، تڏهن هرهڪ ماڻهو سڄ لهڻ کان پوءِ گهر هليو ويندو آهي. پوءِ پوڄاري گهٽين ۾ گهمندا آهن ۽ هرهڪ گهر جي ڇت مان هڪ ڪک ڪڍي، ان کي جانورن، ڳيهه وغيره سان ملائي ڳوٺ جي مشرق طرف واقع ڪنهن سندر ۾ نڏراني طور باهه ۾ اڇلايو ويندو آهي. ڇوڙن کي ٻاڙهو سندر ٽڪي، دونهي طرف هڪليو ويندو آهي، ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ اهي بيماريءَ کي پاڻ سان گڏ کڻي ويندا آهن. جيڪڏهن اهي ناڪامياب ٿيندا آهن، تہ ٻکرين کي ۽ سيني کان آخر، سوئرن کي آزمايو ويندو آهي. جڏهن هندستان جي "پار"، "ملان" ۽ "ڪرمي" قبيلن ۾ ڪالرا پوندي آهي، تڏهن اهي ڪا ٻکري يا سينهن ونيءَ - ٻنهي حالتن ۾ جانور جي مادي هجي ۽ اڌا انتهائي سياه رنگ جي هڻ گهرجي- ڪجهه ان جا داڻا، لونگ ۽ سندر کڻي، انهن کي پيلي رنگ جي ڪپڙي ۾ وجهي، انهيءَ جانور جي ٻڌيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڏي، ڪيس ڳوٺ کان ٻاهر هڪالي ڪيندا آهن. جانور کي ڳوٺ جي سرحد کان ٻاهر پهچايو ويندو آهي ۽ ڪيس واپس ورڻ کونہ ڏنو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پاڏي کي ڳاڙهو رنگ ڏيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان کي پاسي واري ڳوٺ ڏانهن هڪاليو ويندو آهي، جتي اهو بيماريءَ کي پاڻ سان گڏ ڪڍي ويندو آهي.

دنڪا قبيلي وارن ۾، جي "اڇي نيل درياه" جي ڪنارن تي رهندڙ مالدار ماڻهو آهن، هر هڪ خاندان وٽ هڪ مقدس ڳئون هوندي آهي. جڏهن ملڪ کي ڪنهن جنگ، ڏڪار يا بيءَ ڪنهن عام شامت جو خطرو لاحق ٿيندو آهي، تڏهن ڳوٺ جا سردار ڪنهن بہ هڪ خاندان کي چوندا آهن تہ اهي پنهنجيءَ مقدس ڳئونءَ کي صدقي جي ٻکري ٿيڻ لاءِ ڏين. انهيءَ جانور کي عورتون درياه جي ڪنڌيءَ تي ڪاهي ويندیون آهن، جتان ان کي ٻئي پار پهچائي، رلڻ ۽ درندن جي شڪار ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏيندیون آهن. پوءِ اهي عورتون خاموشيءَ سان واپس ايندیون آهن ۽ ان وچ ۾ پٺتي ڪونہ نهارينديون آهن، اهي سمجهنديون آهن تہ جيڪڏهن اهي پٺتي نگاهہ ڪنديون تہ انهيءَ رسم ۾ ڪوبہ اثر باقي ڪونہ رهندو. سنہ ۱۸۵۷ع ۾، جڏهن بوليويا ۽ پيروءَ جي آڏمارا قبيلي وارن ڳاڙهن هندستانين ۾ پليگ اڇي پيئي، تڏهن انهن ڪاري رنگ جي هڪ * "لاهما" جانور جي پٺيءَ تي پليگ جي مريضن جا ڪپڙا وڌهي، متائين برانڊي چڙڪائي، انهيءَ جانور کي هن اميد سان جبلن ڏانهن ڪولي چڏي ڏنو تہ اهو وبا کي پاڻ سان گڏ ٻاهر ڪڍي ويندو.

* ڏکڻ آمريڪا جو هڪ باربردار جانور، جو وڏيءَ ريڍ سان مشابهت رکندو آهي ۽ اٺ جي خاندان سان وابستہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن موقعن تي صدقي جو ٻکرو ماڻهوءَ کي ٻڌايو ويندو آهي. مثال طور، يوگنڊا جي بادشاهه کي ديوتائون وقت بوقت آگاهه ڪندا هئا ته سندس دشمن، "بٿيورو" قبيلي وارا ڪيس ۽ سندس ماڻهن کي مرض ۾ مبتلا ڪري مارڻ لاءِ، سندن خلاف جادو ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ آفت کي ٽارڻ لاءِ بادشاهه دشمن جي ملڪ، "بٿيورو"، ڏانهن صدقي جو هڪ ٻکرو موڪليندو هو. صدقي جو اهو ٻکرو گهٽو ڪري هڪ ماڻهوءَ ۽ هڪ چوڪري يا هڪ عورت ۽ سندس پار تي مشتمل هوندو هو، جن کي ڪنهن نشان يا جسماني ورڊ سبب، جنهن کي ديوتائن ڏٺو هو ۽ جن جي ذريعي انهن کي سڃاڻيو هو، منتخب ڪيو ويندو هو. انهيءَ هنڌ، صدقو ٽيندڙ آنهن ماڻهن جا هڏ گڏ ڪيا، ڪين چمڙي، چمڙي دشمن جي ملڪ ۾ مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ويندو هو، ڇو ته انهن کي ايتريقدر لولو ۽ لنگڙو ڪيو ويندو هو، جو اهي رڙهي رڙهي يوگنڊا ڏانهن واپس نه وڃي سگهندا هئا. اهڙيءَ طرح، انهيءَ مرض يا پليگ کي صدقي وارن ماڻهن ڏانهن منتقل ٿيل سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي انهن ماڻهن جي جسمن اندر انهيءَ ملڪ ڏانهن واپس ٽيندو سمجهيو ويندو هو، جتان اهو مرض اصل ۾ آيو هو.

ڇين جي ڪن قديم‌النسل قبيلن مان ڪي، ويا جي خلاف حفاظت طور، هڪ قوي‌الجثه ماڻهوءَ کي صدقي جي ٻکري، جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ منتخب ڪندا آهن. پنهنجي منهن کي رنگ ٿڦي، اهو ماڻهو بيماريءَ ۽ ٻين سيني برن اثرن کي فقط ڪيس چنبڑڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي، گهٽيئي شرارت آميز حرڪتون ڪندو آهي. انهيءَ ڪم ۾ ڪيس هڪ پوجاري مدد ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخرڪار، صدقي جي انهيءَ ٻڪري ڪي، مرد ۽ زالون گهنڊ ۽ چمٽا وڄائيندا، ڊوڙائيندا آهن، جو تمام تيز رفتاريءَ سان ڳوٺ يا شهر ۾ پهچي ويندو آهي. پنجاب ۾ چوپائي مال جي هڪ وڇرندڙ بيماريءَ جو علاج، چماڙ ذات جي ڪنهن ماڻهوءَ ڪي مزدوريءَ تي ونڻي، سندس منهن ڳوٺ کان ٻئي طرف ڪري، ٻاهر ۾ ڳاڙهي ڪيل ڏاڙي سان ڏنب ڏيئي، ٻيلي ڏانهن موڪلڻ آهي ۽ اهڙيءَ طرح ائين سمجهيو ويندو آهي ته اهو مال جي انهيءَ مرض ڪي پاڻ سان گڏ ڪڍي ويندو. بهرحال، چماڙ ڪي ٻڌي ڪونہ نهارڻو هوندو آهي.

۳- مادي وسيلي جي مدد سان برائن جي فصلي ڪيڙا ڪي:

برائن جي صدقي جي ٻڪري يا ٻئي ڪنهن مادي ذريعي رستي، واسطيواري ڪيڙا، انهن جي غيبي صورت ۾ بي- واسطي واريءَ ڪيڙاءَ وانگر، آهستي آهستي وڃي فصلي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ ان جو سبب ۾ ساڳيوئي آهي. چنانچ، هندستاني ٻڍن جي ميڙ مان ليٽي، موٽا ۽ لاکور نالي ٻڍن جا ماڻهو هر سال گهٽو ڪري مارچ جي مهيني ۾، پنهنجن سيني مرضن ڪي سمنڊ ڏانهن موڪليندا آهن. اهي ماڻهو ڇهه فوٽ ڊگهي هڪ ٻيڙي ٺاهيندا آهن، جنهن کي سڙهن، ونجهن ۽ ٻئي سڀ سازوسامان سال سينگاريندا آهن ۽ هرهڪ خاندان ان ۾ ڪجهه چانور، ميوو، هڪ ڪي، ۽ آنا، ٻنين ڪي ناس ڪندڙ ڪجهه جيت جنتر وغيره رکي ويندو آهي. پوءِ اهي ٻيڙيءَ کي سمنڊ طرف لوڙهي ڇڏيندا آهن ۽ هيٺن چوندا آهن: "سيني قسمن جي بيماريءَ کي هتان ڪڍي وڃ، ڪين ٻين ٻڍن ڏانهن ڪڍي وڃ، ٻين ملڪن ڏانهن ڪڍي وڃ ۽ انهن کي اهڙن ملڪن ۾ وڃي تقسيم ڪر، جي مشرق طرف واقع آهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتان سچ آپري ٿو." بورنيو جي "بياجا" قوم وارا هر سال هڪ نندي ٻيڙيءَ کي قوم جي ماڻهن جي گناهن ۽ بد بختين سان پري، سمنڊ ڏانهن سوکلیندا آهن. ڪنهن به اهڙي جهاز جي خلاصيءَ کي، جو اتفاق سان سمنڊ ۾ انهيءَ بدشگونيءَ واريءَ ٻيڙيءَ سان ملي ويندو، انهن سڀني مصيبتن ۽ بيمارين جو شڪار ٿيڻو پوندو، جي انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ پريل هوندیون. برٽش نارٿ بورنيو جي ٽاران ضلعي جا "دوسون" قبيلي وارا به هر سال ساڳئي قسم جي هڪ رسم ادا ڪندا آهن. اها رسم سڄي سال جي رسمن مان سڀني کان زياده اهم هوندي آهي. ان جو مقصد، انهن سڀني بد روحن کي، جي گذريل بارهن مهينن جي دوران ۾ گهرن اندر يا سندن آس پاس جمع ٿيا هوندا، سنجيدگيءَ سان تڙي ڪيڻ وسيلي، ايندڙ سال لاءِ گوٺ ۾ خوش نصيبيءَ آڻڻ جو هوندو آهي. ڳوٺن کي ٻچائي ڪيڻ ۽ جلا وطن ڪرڻ جو ڪم خاص طرح عورتن مٿان عائد ٿيندو آهي. ڦنڌجين بهترين پوشاڪن ۾ ملبوس ٿي، اهي جلوس جي صورت ۾ گوٺ ۾ ڦرنديون آهن. منجهانئن هڪ جٽي هڪ ڪير پيٽاڪ ٻڌ کي ٽڪريءَ ۾ وڃي ٻٽيءَ تي رکي، ڪٽي هلندي آهي. سڀني عورتن کي نندیون نندیون ٽيڪون ساڻ هوندیون آهن، جن سان اهي موزون وقتن تي انهيءَ نندڙي سوئر کي مار ڪيندیون رهنديون آهن. سندس چيخون ۽ دانهون آواره روحن کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ ۾ مدد ڏيندیون آهن. هرهڪ گهر وٽ عورتون ڳائيندیون ۽ نچندیون آهن، پٽل جا جهانجهه ۽ ٻنهي هٿن سان پٽل جون نندیون گهنڊ ٽيون وڄائيندیون آهن. جڏهن اهو ناٽڪ گوٺ جي هرهڪ گهر اڳيان پورو ڪيو ويندو آهي، تڏهن اهو جلوس درياه ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي ۽ اهي سيئي بد ارواح، جن کي جلوس وارن هرهڪ گهر مان پڃائي ڪڍيو هوندو آهي، درياه جي ڪنڊيءَ تائين سندن پٺيان ويندا آهن. اتي هڪ دهقاني ٻيڙي اڳي ئي تيار ڪري، ڪناري سان ٻڌي ويندي آهي. ٻيڙيءَ ۾ ڪاڏي، ڪپڙي رڌڻ پچائڻ جي ٽانون ۽ ترارين جا نذرانا رکيل هوندا آهن، ۽ ٻيڙيءَ جي عرشي تي مردن، عورتن، جانورن ۽ پکين جا گهٽيئي مجسما رکيا هوندا آهن، جي سيئي ڪجيءَ جي پنن مان ٺهيل هوندا آهن. بد ارواح هينئر ٻيڙيءَ تي سوار ٿيندا آهن ۽ جڏهن سيئي چڙهي ايندا آهن، تڏهن ٻيڙيءَ کي ڏکيو ويندو آهي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري سان گڏ، سيني پوتن کي ساڻ کڻي، ڪيس درياهه ۾ هيٺ لهي وڃڻ لاءِ چڏي ڏنو ويندو آهي. اتفاق سان جيڪڏهن ڪوٽ جي قريب ئي ٻيڙي ڏرتيءَ ۾ ڦاسي، ٻيهي رهندي آهي، تہ ڪيس هڪدم پرپور طاقت سان ڏکو ڏيئي اڳتي ڪيو ويندو آهي، تہ متان غيبي مسافر وري زمين تي اچڻ ۽ ڪوٽ ڏانهن واپس موڙڻ جو اهو موقعو هٿن مان وڃڻ ڏين. آخر ۾، نندڙي سوئر جي تڪليف کي، جنهن جي دانهن ۽ ڪوڪن پوتن کي سندن خفيہ جاين کان ٻاهر آڻڻ ۾ مدد ڪئي هئي، موت ذريعي ختم ڪيو ويندو آهي، جو تہ سوئر کي ماري سندس لاش درياهه ۾ اڇلايو ويندو آهي.

هر سال، خشڪ موسم جي شروع ٿيڻ وقت، نڪوبار ٻيٽ جا باشندا جهاز جو هڪ نمونو ٺاهي ڪوٽن مان کڻي گهمندا آهن. شيطانن کي جهوپڙين مان ڊوڙائي ٻاهر پڃايو ويندو آهي ۽ کين نندڙي جهاز تي چاڙهيو ويندو آهي، جنهن کي هاڪاري هوا جي رحم و ڪرم تي چڏي ڏنو ويندو آهي. انهيءَ رسم جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان هڪ مذهبي تعليم ڏيندڙ ڏنو آهي، جنهن جولاءِ ۱۸۹۷ع ۾ انهيءَ رسم کي ادا ڪيندي ڏٺو هو. ڪن ڏينهن ڪائين ماڻهو ۽ وڏا ترندڙ چڪڙا، جن جي شڪل و صورت ننڍين ٻڙين سان مشابهت رکندڙ هئي، ڪاهڻ ۾ مصروف رهيا، انهن کي سڙهه ٻڌا ۽ منجهن کي مخصوص ٻن ٻريا، جن ۾ شيطانن کي ڀڄائي ڪڍڻ جي مفيد خاصيت هئي. هڪ طرف نوجوان انهيءَ ڪم ۾ مصروف هئا، تہ ٻئي طرف ٻوتن کي ڀڄائيندڙ جادوگر ۽ قوم جا سردار هڪ گهر ۾ ويهي واري وڃيءَ سان گيت ڳائي رهيا هئا، پر رکي رکي، اهي ٻاهر اچي، لئين سان مسلح ٿي، سمنڊ جي ڪناري تي پسار ڪري رهيا هئا ۽ شيطان کي ڪوٽ اندر داخل ٿيڻ کان منع ڪري رهيا هئا. رسم جي چوٽين ڏينهن تي هڪ اهڙو نالو ڏنو ويو هو، جنهن جي معنيٰ "سڙهن ذريعي شيطان کي هڪالي ٻاهر ڪڍڻ" جي آهي. شام جو سيئي ڪوٺاڻا جمع ٿيا ۽ زالون رک ۽ شيطان کي تڙي ڪڍڻ وارن ٻنن سان ٻريل ٽوڪرا ڪٽي آيون. ٻوءِ اهي ٻن سينڌي، ٻوڙهن ۽ جوانن ۾ تقسيم ڪيا ويا. جڏهن سڀ تياري پوري ٿي ويئي، تڏهن طاقتور ماڻهن جي هڪ گروه، جن سان جادوگرن جو هڪ محافظ دستو ساڻ هو، چڪڙن مان هڪ کي ڪوٽ جي قبرستان جي ساڄي طرف، سمنڊ ڏانهن ڪٽي ويو ۽ اتي ڇڏي، ان کي پاڻيءَ ۾ لاٿو. جيئن ئي ڇڏيون گروه واپس آيو، تيئن وري ماڻهن جو هڪ ٻيو گروه ٻئي چڪڙ کي ڪناري طرف ڪٽي ويو ۽ ان کي ساڳيءَ طرح قبرستان جي ڏاڀي طرف سمنڊ ۾ وڃي لاٿو. هينئر، جڏهن شيطانن سان ٻريل ٻيڑا پاڻيءَ ۾ لاٿا ويا، تڏهن زالن انهن مٿان ڪناري تان ٻيهي رک اڇلائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سڄي مجمع زوردار آواز ۾ هيئن چيو تہ "پڄي وڃ، اي شيطان، پڄي وڃ، وري واپس نہ اچ!" هوا ۽ ويڑ سٽاوا هئا، جنهن ڪري ٻيئي ٻيڙيون جلد ئي اتان هاڪارجي هليون ويئون ۽ انهيءَ رات سيني ماڻهن وڏيءَ خوشيءَ سان محفلون ڪيون، ڇو تہ "شيطان" ڇوڙا طرف هليو ويو هو. نڪوبار جي ٻين ٻولين ۾ انهيءَ قسم جي رسم هرسال ادا ڪئي ويندي آهي، پر مختلف جاين تي اهي رسمون مختلف وقتن تي ادا ڪيون وڃن ٿيون.

ڇين جي ڪهڙين قديم النسل قومن ۾، هرسال جي ٽين مهيني ۾ هڪ وڏي تقريب ملهائي ويندي آهي. اها تقريب گذريل ٻارهن مهينن جي براين جي مڪمل تباهيءَ ۽ شان فتح حاصل ڪرڻ جي عام خوشيءَ ۾ ملهائي ويندي آهي. انهن جي تباهي هيٺين نموني سان عمل ۾ ايندي سمجهي ويندي آهي. ڪُکر جي هڪ وڏي دلي کي باروت، پٿرن ۽ لوهہ جي ٽڪرن سان پري، زمين اندر دفن ڪيو ويندو آهي. پوءِ باروت جو هڪ ڊگهو پليتو دلي سان ڳنڍيو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ انهيءَ کي تيلي ڏيکاري ويندي آهي، جنهن تي اهو دلو ۽ ان ۾ پيل سڀ گند ڪچرو وڻي ٺاهيندو آهي. پٿر ۽ لوهہ جا ٽڪرا، گذريل سال جي براين ۽ تباهين جي نمائندگي ڪندا آهن ۽ ڏماڪي ذريعي انهن جي چڙوچڙ ٽين کي ائين سمجهيو ويندو آهي تہ جڙ خود اهي برايون ۽ تباهيون هٿي ويڙهن. انهيءَ تقريب تي خوب شادمانا ڪيا ويندا آهن ۽ شراب نوشي ڪئي ويندي آهي.

گنيءَ جي ساحل تي واقع پراڻي ڪئلابار ۾، شيطانن ۽ پوتن کي ٻن سالن ۾ هڪ دفعو عام ماڻهن اڳيان نيڪالي ڏني ويندي آهي يا ڪجهہ زمانو اڳ ڏني ويندي هئي. جن پوتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اهڙيءَ طرح سندن رهڻ واڙين جاين سان هڪالي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، تن ۾ انهن سيني ماڻهن جا روح ۽ شامل هوندا آهن، جي شهر جي اڇوٽيءَ صفائيءَ کان پوءِ مري ويا هوندا آهن. نيڪاليءَ کان ٽي هفتا يا هڪ مهينو کن اڳ، جا هڪ بيان موجب نومبر جي مهيني ۾ ڏني ويندي آهي، ماڻهن ۽ جانورن، جهڙوڪ واڳونءَ، ڇيڻن، هاڻين، ڏاندن ۽ پکين جا ٻي ڏولا مجسما بيد جي تيلين يا ڪاٺ مان ٺاهيا ويندا آهن، جن کي اڳڙيءَ جي ٻڌين سان ٻڌي ۽ ننڍين چمڪيدار شين سان سينگاري هرهڪ گهر جي دروازي اڳيان لٽڪايو ويندو آهي. رسم جي ادائگيءَ لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن تي، صبح جو ٽين ڀڄي ڏاري، سڀ ماڻهو ٻاهر گهٽين ۾ نڪري ايندا آهن ۽ ڪن-ڦاڙ گوڙ گهمسان مچائيندا، انتهائي جوش و خروش جي عالم ۾، لڪيل ڇپيل سيني ٻوتن ۽ روحن کي هڪالي انهن-مجسمن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ اڇتي وڌندا ويندا آهن، ته جيئن انهن کي انهن مجسمن سان گڏ ماڻهن جي قيامگاهن کان ٻاهر ڪڍي جلاوطن ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ماڻهن جا ٽولا گهٽين ۾ گهمندا رهندا آهن، دروازا ڪڙڪائيندا آهن، ٻندوقون ڇوڙيندا آهن، دهل وڄائيندا آهن، سنگٽ ۽ سنک ڦوڪيندا آهن، گهنڊ وڄائيندا آهن، برتن ۽ ڊٻا ٽڪرائيندا آهن، پنهنجيءَ سڃيءَ ٽوت سان رڙيون ڪندا آهن، مطلب ته اهي سڀ آواز بلند ڪندا آهن، جي انهن جي وس ۾ هوندا آهن. اهو هل هنگامو پرهه ڦٽيءَ تائين هلندو آهي، جڏهن اهو آهستي آهستي گهٽندو ويندو آهي، تانجو سج اڀرڻ وقت بلڪل ختم ٿي ويندو آهي. ايتري ۾ سيني گهرن کي خوب ٻوهاري، صاف ڪيو ويندو آهي ۽ سيئي خوف زده روح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جسمن يا ڪين ويڙهيل رنگين اڳڙين وغيره ۾ وڃي هڪ ٻئي مٿان ڏير ٽيندا آهن. بيد جي تيلين مان ٺهيل انهن جسمن ۾ گهرن جو ڪجهه ٻوهر ۽ ڪالهوڪيءَ ٻاه جي رک ٻڻ وڏي ويندي آهي. ٻوءِ ماڻهو پوتن سان ڀريل انهن جسمن کي تڙ تڪڙ ۾ اتان ٻڌي، ۾ هڪ ٻئي مٿان ڪرندا ۽ ٽاپڙندا، انهن کي درياه جي ڪناري ڪٽي ويندا آهن ۽ ڍهلن جي ڏم ڏم ۾ ڪين درياه ۾ داخل ڪندا آهن. سمنڊ جي لهندڙ ويڑ انهن کي پاڻ سان گڏ سمنڊ ڏانهن ڪٽي ويندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهو شهر ايندڙ ٻن سالن تائين پوتن ۽ بدروحن کان پاڪ ۽ صاف ٿي پوندو آهي.

ماڻهن يا حيوانن جي جسمن ۾ سمايل پوتن ۽ بدروحن جون اهڙيون نيڪاليون يورپ ۾ به غير معمولي ناهن. ايسٽر جي آرتوار واريءَ شام جو ڏکڻ يورپ جا خانه بدوش قبيلن جا ماڻهو ٽوپلي رکڻ جي ڏهي وانگر ٺهيل هڪ برتن ڪٽندا آهن، جو پينگهي وانگر ٻن آرپار رکيل ڪاٺين تي لٽڪيل هوندو آهي. انهيءَ برتن ۾ اهي جڙي ٻوٽين ۽ دوائن سان گڏ مئل نانگ يا ڪڑيءَ جو لاش وجهندا آهن، جنهن کي حاضرين مان هرهڪ ماڻهو اڳ ۾ پنهنجين آڱرين سان ڇهيو هوندو. ٻوءِ انهيءَ برتن کي اڇيءَ ۽ ڳاڙهيءَ اڻ ۾ ويڙهيو ويندو آهي، ۽ ان کي قوم جو معمر ترين شخص هڪ کان ٻئي تنبوءَ ڏانهن ڪٽي ويندو آهي ۽ آخرڪار ان کي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندو آهي، پر ان کان اڳ ٽوليءَ جو هرهڪ فرد انهيءَ برتن ۾ ٽڪ اڇلائيندو آهي ۽ جادوگرياڻي مڏانئس ڪجهه منتر پڙهندي آهي. انهن ماڻهن جو اعتقاد آهي ته انهيءَ رسم ادا ڪرڻ سان اهي انهن سيني بيمارين کي جلاوطن ڪري ڇڏين ٿا، جي هوند ايندڙ سڄي سال جي دوران ۾ ڪين تڪليف ڏين ها، اهي هيڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سمجهندا آهن تہ جيکڏهن ڪو شخص اهو برتن لهندو ۽ حيرت وچان ان کي کوليندو ، تہ ڪيس ۽ سندس سڀني ماڻهن کي اهي بيمارين وٺنديون، جن کان ٻيا بچي ويا هئا .

صدقي جو آهو بکرو ، جنهن جي وسيلي سڄي سال جون جمع ٿيل برايون تڙي ڪڍيون وڃن ٿيون، سو ڪڏهن ڪڏهن جانور ۾ هوندو آهي . مثال طور، آسام جي ڪنرو قوم وارن ۾ " انفرادي حالتن ۾ قربانين ڏيڻ کان علاوه ، ڪي اهڙيون رسمون ۾ آهن، جي سال ۾ هڪ دفعو قوم يا ڳوٺ طرفان ادا ڪيون ويندين آهن ۽ جن جو مقصد قوم جي ماڻهن کي ايندڙ بارهن مهينن جي دوران ۾ پيلي جي خطرن ، بيماريءَ ۽ ٻين حادثن کان محفوظ رکڻ جو هوندو آهي . انهن سڀني رسمن مان ڪيترن " ايسانگ ٽاٽا " نالي واري هڪ رسم آهي . هرهڪ وڏي ڳوٺ جي پسگردائيءَ جي قريب ، زمين ۾ ڪتل متعدد پٿر نظر ايندا ، جي ظاهر طرح ڪنهن ۽ ضبط يا رٽ کان سواءَ هوندا آهن . اهي پٿر " ايسانگ " جي نالي سان مشهور هوندا آهن ۽ انهن جي مٿان ٿڻي اها قرباني ڪئي ويندي آهي ، جا " ايسانگ ٽاٽا " طلب ڪندو آهي . بکريءَ جي قرباني منعقد ڪئي ويندي آهي ۽ هڪ مهيني کان پوءِ هڪ لنگور يا ٻانس جي لکڙن ۾ رهندڙ هڪ ڪوئي جي قرباني ضروري سمجهي ويندي آهي . منتخب ٿيل جانور جي گردن ۾ رسي ٻڌل هوندي آهي ۽ ان کي ۽ ماڻهو، جن مان هرهڪ ان جي هڪ پاسي کان هلندو آهي ، ڳوٺ جي هرهڪ گهر ڏانهن ڪاهي ويندا آهن . ان کي واري وٽيءَ سان هرهڪ گهر اندر ڦيرايو ويندو آهي . انهيءَ وچ ۾ جمع ٿيل ڳوناٽا ٻاهران ٻيهي گهر جي ديوارين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکڻ هٿندا آهن، تہ جئين اهي بد روح ڀڄي، فرار ٿي وڃن، جن گهر اندر پنهنجو قيام گاه بڻايو هو، سڄي ڳوٺ جو جڏهن اهڙيءَ طرح چڪر لڳائي پورو ڪيو ويندو آهي، تڏهن لنگور يا ڪُتي کي ڳوٺ جي باهرين پاسي وٺي ويندا آهن، جتي ڪيس "ڊائو" جي ڏکڻ سان، جو سندس آندا گونڊا باهر ڪڍي چڏيندو آهي، ماريو ويندو آهي ۽ پوءِ ان کي زمين ۾ کوڙيل بانس جي لکڑن جي صليب تي چاڑهيو ويندو آهي. صليب تي ماريل جانور جي چوگرد، بانس جا ڊگها ۽ تيز نوڪن وارا لکڑا کوڙيا ويندا آهن، جي ان جي چوڌاري "مضبوط ۽ نوڪدار لکڑن جو بچاءَ بند" بڻائي بيهندا آهن. اهي بچاءَ بند انهن ڏينهن جي ياد تازي ڪندا آهن، جڏهن انساني دشمنن کي دور رکڻ لاءِ اهڙا بچاءَ بند ڳوٺ جي هر طرف ڪڙا ڪيا ويندا هئا ۽ هينئر اهي بيماريءَ کي دفع ڪرڻ ۽ پيلي جي جانورن طرفان انساني زندگيءَ جي خطرن کي دور رکڻ لاءِ علامتن جو ڪم ڏين ٿا. انهيءَ مقصد لاءِ جنهن لنگور جي ضرورت هوندي آهي، تنهن کي چند ڏينهن پيشتر شڪار ڪري قاسايو ويندو آهي، پر جيڪڏهن ان کي قاسائڻ ناممڪن ٿي پوي، تہ پوءِ هڪ ناسي پولڙو ان جي بجاءِ ڪم ڏيئي وڃندو، پرهئي ڪنهن جانور کي ڪم نہ آڻڻ گهرجي." هتي صليب تي چاڑهيل لنگور يا ڪتو عام ماڻهن لاءِ صدقي جو هڪ ڪرو آهي، جو پين جي بدران تڪليف ۽ موت برداشت ڪري، ماڻهن کي ايندڙ سال اندر سڀني بيمارين ۽ حادثن کان نجات ڏيارڻي چڏي ٿو.

وري، مغربي هماليه جبلن ۾ واقع "جُوهر" علائقي ۾ آباد 'پوتيا' نسل جا ماڻهو هڪ ڪتو هٽ ڪري، ڪيس شراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ڀنگ سان مد هوش ڪندا آهن ۽ ڪيس مٿايون ڪارائي، ڳوٺ جي چوڌاري ڦيرو ڏياري، ڪولي ڇڏيندا آهن. ٻوءِ اهي سندس ڀڃيان ڀڃي، ڪيس لڦين ۽ ڦرن سان ماريندا آهن، ڪين خاطري هوندي آهي ته جڏهن انهن اهو ڪم پورو ڪيو هوندو آهي، تڏهن ايندڙ سڄي سال تائين ڪوبہ مرض يا آفت ڳوٺ مٿان نازل ڪانہ ٿيندي. بريدلبين جي ڪن علائقن ۾، اڳين ڏينهن ۾ نئين سال جي پهرين ڏينهن تي هيءَ رواج هوندو هو، جو ڪتي کي دروازي وٽ جهلي، مانيءَ ٽڪر ڏيئي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو ۽ ڪيس ان وقت هيئن چيو ويندو هو ته "هليو وڃ، اي ڪتا! هلندڙ سال جي پڇاڙيءَ تائين ڏن گهر اندر جيترن ماڻهن جو موت يا چوپائي مال جو نقصان نازل ٿيڻو هجي، سڀ اهو سڀ تنهن جي مٿان اڇي ٻوي!" گناهن جي سزا ٻوگهڙ واري ڏينهن تي، جو ستين مهيني جو ڏهون ڏينهن هوندو هو، يهودين جو وڏو پادري ٻنهنجا ٻئي هٿ هڪ جيئريءَ ٻکريءَ جي مٿي تي رکندو هو، ان جي مٿان آل اسرائيل جي سڀني گناهن جو اقرار ڪندو هو ۽ اهڙيءَ ريت ماڻهن جا سڀ گناه جانور ڏانهن منتقل ڪري، ڪيس ويرانيءَ ڏانهن هڪالي ڇڏيندو هو.

صدقي جو اهڙو ٻکرو، جنهن جي مٿان ڪجهہ عرصي کان ٻوءِ قوم جا گناهہ هنيا وڃن ٿا، ماڻهو بہ ٿي سگهي ٿو. نائجر درياه تي، اونيتشا وٽ سڄي ملڪ جي گناهن کي پاڻ سان کڻي وڃڻ لاءِ هرسال ٻن ماڻهن کي قربان ڪيو ويندو هو. قرباني لاءِ جيڪي ماڻهو درڪار هوندا هئا، تن کي عام ماڻهن کان چندو اڪاڙي، خريد ڪيو ويندو هو. اهڙن سڀني ماڻهن وٽان، جن کان گذريل سال جي دوران ۾ ڳوٺ جي گهرن کي باهہ ڏني، چوريءَ، غير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن سان جنسي تعلق ، جادوگريءَ وغيره جهڙا ڪبير گناه سر زد ٿيا هوندا هئا، تن ڪان اڳوڀهن "نگوگا" سڏن يا هن پائونڊن ڪان ٿوري مٿيري چندي سڀ جي اميد هوندي هئي. اهڙيءَ طرح، جمع ٿيل رقم ملڪ جي اندروني حصن ۾ پهچائي ويندي هئي، جتي ان کي هن بيمار ماڻهن کي خريد ڪرڻ ۾ صرف ڪيو ويندو هو، "جيڪي انهن سيني نفرت جوگن گناهن جي پاداش ۾ - هڪ زمين لاءِ ۽ هڪ درياه لاءِ - صدقي طور پيش ڪرڻا هوندا هئا." پاسي واري شهر جي هڪ ماڻهوءَ کي ڪرائي تي آندو ويندو هو، جو ڪين قتل ڪندو هو. ۲۷ فبروري سنہ ۱۸۵۸ع ۾ محترم جي - سي - ٽيلر اهڙن ماڻهن مان هڪ جي صدقي ٿيڻ جو نظارو اکين سان ڏٺو هو. صدقو ٿيندڙ هڪ عورت هئي، جنهن جي عمر اٽڪل اڻويهه يا ويهه سال هئي. ماڻهو ڪمزور جيئريءَ حالت ۾، جڏهن سندس منهن زمين سان گسي رهيو هو، بادشاه جي گهر ڪان ولي درياه تائين، جو اٽڪل هن ميلن جو مفاصلو هو، گهليندا ويا ۽ ماڻهن جو هجوم، جو ساڻس جلوس جي صورت ۾ گڏ هلي رهيو هو، بلند آواز سان "بچڙائي! برائي!" چوندو رهيو. ان جو مقصد "ملڪ جي بي انصافين کي ڪيڏي وڃڻ جو هو. سندس جسم کي نهايت بي دردي ۽ سان گهليو ويو، جڏ تہ سندن سيني گناهن جو وزن اهڙيءَ طرح ڪجي ويو." چيو وڃي ٿو تہ ساڳئي قسم جون رسمون، برطانوي حڪومت جي چوڪسيءَ جي باوجود، نائجر درياه جي ڪيڻيءَ ۾ رهندڙ گهڻن قبيلن طرفان اڃا تائين خفيہ طور هر سال ادا ڪيون ويندين آهن. اولهه آفريڪا جي "يوروبا" قبيلي جي حبشين ۾ "قرباني" لاءِ جيڪو ماڻهو منتخب ڪيو ويندو آهي، سو آزاد چايل باشندو يا غلام ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ٿو يا ڪنهن امير يا دولتمند گهراڻي جو فرد ٿي سگهي ٿو يا وري ڪو گهٽ درجي واري خاندان ۾ چاهيل ماڻهو ۽ ٿي سگهي ٿو، جنهن کي هڪ دفعو چونڊڻ ۽ انهيءَ مقصد لاءِ مخصوص ڪرڻ کان پوءِ، "اولووو" سڏيو ويندو آهي. ڪيس هميشه سئو کاڏو ڪارائي، چگيءَ طرح پاليوويندو آهي ۽ -اهو پنهنجي نظربنديءَ جي دوران ۾ جنهن به شيءِ جي خواهش ڪندوآهي، سا ڪيس مهيا ڪري ڏني ويندي آهي. جڏهن ڪيس قربان ڪرڻ ۽ نذراني طور پيش ڪرڻ جو وقت قريب اچي ويندو آهي، تڏهن ڪيس انهيءَ "حاڪم": جي شهر وڃان يا ڳوٺ جي ڳلين مان جلوس جي صورت ۾ گهمايو ويندو آهي، جيڪو ڪيس پنهنجيءَ حڪومت ۽ هر اهڙي ڪٽنب ۽ فرد لاءِ، جي سندس ماتحت رهندا آهن، قربان ڪرڻ وارو هوندو آهي، ته جيئن اهو بغير ڪنهن استثنيٰ جي، هر ڪس و نا ڪس جا گناهه، ڏوهه، مصيبت ۽ موت پاڻ سان گڏ کڻي وڃي. سندس شناخت کي پوشيده رکڻ لاءِ رک ۽ چوني جو استعمال ڪيو ويندو آهي، جن مان پهرين شيءِ تمام گهٽي مقدار ۾ سندس مٿي تي اچلائي ويندي آهي ۽ پوئينءَ سان سندس منهن سکيو ويندو آهي. ساڳئي وقت ماڻهو گهٽو ڪري گهرن کان ٻاهر نڪري، پنهنجا هٿ انهيءَ ماڻهوءَ تي رکندا آهن، ته جيئن اهي پنهنجو گناهه، ڏوهه، تڪليف ۽ موت اهڙيءَ طرح ڪيس منتقل ڪري ڏين." انهيءَ جلوس جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڪيس اندروني آستاني ڏانهن نيون ويندو آهي، جتي سندس سر ڏڙ کان ڌار ڪيو ويندو آهي. سندس آخرين الفاظ يا مرڻ وقت سندس وات مان نڪرندڙ دانهون ٻاهر جمع ٿيل ماڻهن لاءِ، جي سمجهندا آهن ته سندن قرباني قبول ٿيئي آهي ۽ ديوتائن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو غصو ڏڏو ٿيو آهي، خوشيءَ جي نعرن بلند ڪرڻ لاءِ اشارو هوندو آهي.

سيار ۾ اهو رواج هوندو هو ته سال جي ڪنهن هڪ ڏينهن تي شراب خوريءَ ۽ زنا ڪاريءَ کان تباه و برباد ٿيل هڪ عورت کي منتخب ڪري چڪيا تي چاڙهي، دهلن ۽ اُلغوزن جي آوازن سان سڄي گهٽين ۾ان گهمايو ويندو هو. هجوم سندس بيعزتي ڪندو هو ۽ ڪيس مٽي هٽندو هو، ۽ ڪيئن سڄي شهر ۾ گهمائڻ کان پوءِ، چيٽي جي هڪ ڊير تي يا شهر پناه جي باهران ٻيئل ڪنهن خاردار ٻوٽي هٿان اڇلائيندا هئا ۽ ڪيس وري شهر اندر داخل ٿيڻ کان منع ڪندا هئا. هنن جو اعتقاد هو ته اها عورت اهڙيءَ ريت هوا جي سڀني بد اثرن ۽ بدروحن کي پاڻ ڏانهن چڪي ورتي ٿي. سوباٽرا جي بنڪ قبيليٰ وارا، شهر کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ ۽ ديوتائن جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ سرخ گهوڙو يا ڪنهن، عام ماڻهن طرفان قرباني طور پيش ڪندا آهن. جيو وڃي ٿو ته اڳئين زماني ۾، هڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ ئي ڪلي سان ٻڌو ويندو هو، جنهن سان ڪنهن بڊل هوندي هئي ۽ جڏهن جانور کي ذبح ڪيو ويندو هو، تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي ڇڏائي ڪڍيو ويندو هو. ڪوبه سندس آجيان ۽ آدرياءَ ڪونه ڪندو هو، ڪوبه ساٿس گفتگو نه ڪندو هو ۽ ڪوبه کيس ماني ڪونه کارائيندو هو. بي شڪ، ائين سمجهيو ويندو هو ته اهو سڀني ماڻهن جا گناهه ۽ مصيبتون پنهنجي مٿان هموار ڪري کنيون ٿو وڃي.

ڪڏهن ڪڏهن، صدقي جو ٻکرو ڪو ديوتائي جانور هوندو هو. سلبار جا ماڻهو ڪٿون لاءِ هندن جي احترام ۾ شريڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا آهن، جنهن کي ذبح ڪرڻ ۽ ڪائڻ کي "اهي اهڙوئي عظيم گناهه تصور ڪندا آهن، جهڙوڪنهن ماڻهوءَ جو خون يا قتل بالقصد." پر ان جي باوجود "برهمڻ ماڻهن جي گناهن کي هڪ يا ان کان زياده ڀڻن ۾ منتقل ڪندا آهن، جن کي ٻوءِ انهن "بالقصد گناهن" سميت، جن سان اهي "ڏور" پريل هوندا آهن، اهڙيءَ جاءِ ڏانهن وڃي ويندا آهن، جيڪا برهمڻ مقرر ڪندو آهي." جڏهن قديم مصري لوڪ ڪو ڏيکو قربان ڪندا هئا، تڏهن اهي سندس مٿي تي سينگ اهڙين براين کي سڏيندا هئا، جي ٻيءَ صورت ۾ هوند سندن ۽ مصر جي ملڪ مٿان نازل ٿين ها ۽ ان کان ٻوءِ اهي ڏيکي جي اها سسي يا ته يونانين کي فروخت ڪندا هئا يا وري ان کي درياه ۾ اڇلائيندا هئا. هاڻي، ائين نه ٿو چئي سگهجي ته جن دورن جي اسان کي ڪا معلومات حاصل آهي، تن ۾ مصري عام طور ڏيکن جي پوڄا ڪندا هئا، جو ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي ڏيکن کي عام طرح ذبح ڪندا ۽ ڪائيندا هئا. پر گهٽي تعداد ۾ اهڙيون حالتون موجود ملن ٿيون، جي هن طرف اشارو ڪن ٿيون ته اوائل ۾ مصري باشندا، ساري چوپائي مال، ڀڻن خواه ڏيکن کي مقدس سمجهندا هئا. جو ته اهي نه فقط سينگ ڀڻن کي مقدس تصور ڪندا هئا ۽ کين قربان نه ڪندا هئا، پر خود ڏيکن کي به تيسين قربان نه ڪندا هئا، جيسين کين کي مخصوص قدرتي نشان نه هوندا هئا، هرهڪ ڏيکي کي قربان ڪرڻ کان اڳ، پوڄاري جاچي ڏسندو هو، جيڪڏهن ان کي پورا نشان هوندا هئا، ته هو انهيءَ ڏور تي پنهنجي مهر هڻي ۽ اجازت ڏيندو هو ته کيس پاڻي قربان ڪيو وڃي ۽ ۽ جيڪڏهن کو ماڻهو اهڙي ڏيکي کي قربان ڪندو هو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي مهر نہ لڳل هوندي هئي، تہ ڪيس قتل ڪيو ويندو هو. ازانسواءِ، ڪارن ڏڳن، اپيسر ۽ منيوس، ۽ خاص طرح پهرين جي پوڄا ڪي مصري مذهب ۾ وڏي اهميت حاصل هئي، اهڙن سينڊي ڏڳن ڪي، جي فطرتي موت مرندا هئا، احتياط سان شهرن جي پسگرداين ۾ دفن ڪيو ويندو هو ۽ سندن هڏن کي، بعد ۾، مصر جي سينڊي حصن سان جمع ڪري، هڪ هنڊ ڏرتيءَ اندر داخل ڪيو ويندو هو، ۽ آئسيس جي وڏن سائن سوٽن ۾ ڍڪي جي قرباني، وقت سڀ پوڄاري پنهنجا سينا ڪٽيندا ۽ ماتم ڪندا هئا. سينڊي ڳالهين جي مد نظر، ان ڪري، اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا تہ مصري باشندا ڏڳن کي اوائل ۾، جئين ڳئن کي هميشه، مقدس سمجهندا هئا ۽ ذبح ڪيل اهو ڏڳو، جنهن جي سر تي سجيءَ قوم جون مصيبتون عائد ڪيون ويندڙون هيون، ڪنهن وقت ديوتائي صدقي جو ٻکرو هو. هيءَ ڳالهہ غير امڪاني نہ ٿي نظر اچي تہ مرڪزي آفريڪا جي ڪٻڙي قبيلي وارا جنهن ريڍ کي سال بسال قربان ڪندا آهن، سا ديوتائي صدقي جو هڪ ٻکرو آهي ۽ ساڳيوئي قياس زوني قبيلي وارن جي ڪميءَ جي صدقي جي جزوي سمجهائي فراهم ڪري ٿو.

آخر ۾، صدقي جو ٻکرو هڪ ديوتائي انسان ۾ ٿي سگهي ٿو. چنانچہ، نومبر مهيني ۾ هندستان جي گونڊ قبيلي جا ماڻهو گهنشيام ديوءِ فصلن جي محافظ، جي پوڄا ڪندا آهن ۽ انهيءَ تقريب جي موقعي تي، چون ٿا تہ خود ديوتا پنهنجن پوڄارين مان هڪ جي مٿان نازل ٿيندو آهي، جنهن کي اوچتو هڪ قسم جو دورو اچي پکڙيندو آهي ۽ جو ٿورو وقت هيڏانهن هوڏانهن ٽڙڻ ۽ ٽاپڙڻ ڪان پوءِ، ٻيلي ڏانهن ڀڄي ويندو آهي، ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن ان کي پنهنجي ليکي ائين ئي چڏي ڏيو تہ اهو پاڳل ٿي، اتي ئي مري ويندو. بهرحال، اهي ڪيس واپس وٺي ايندا آهن، پر هو هڪ ٻن ڏينهن تائين هوش ۾ ڪونہ ايندو آهي. ماڻهو سمجهندا آهن تہ هڪ ماڻهوءَ کي اهڙيءَ طرح سچي ڇوٽ جي گناهن لاءِ صدقي جي بکري جي حيثيت ۾ چونڊيو ويندو آهي. مشرقي ڪوه قاف ۾ آباد آلبانيا جا باشندا "چنڊ" واري مندر ۾ چند مقدس غلام رکندا هئا، جن مان گهٽن کي وجد ايندو هو ۽ اهي پيشينگويون ڪندا هئا. جڏهن انهن مان ڪو هڪ ماڻهو وجد يا جنون جي غيرمعمولي علامتن جو مظاهرو ڪرڻ شروع ڪندو هو ۽ گونڊن وانگر تن تنها ٻيلي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو رهندو هو، تڏهن وڏو پوڄاري ڪيس هڪ مقدس زنجير سان ٻڌائي، هڪ سال تائين عيش و آرام سان رکندو هو. سال جي اختتام وقت، ڪيس خوشبودار عطر ۽ تيل لڳائي صدقي لاءِ پيش ڪيو ويندو هو. صدقي جي انهن ماڻهن کي، جنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻو هوندو هو ۽ جنهن جو هٿ ڪثرت استعمال سبب تمام سڏو ٿي ويوهوندو هو، ماڻهن جي هجوم مان اڪثي وڌندو هو ۽ هڪ پاڪ نيزو انهيءَ ماڻهوءَ جي پاسي ۾ ٽوڪيندو هو، جوان جي دل کي چيري. سندس سيني اندر هليو ويندو هو. جنهن نموني سان مقتول هيٺ ڪرندو هو، تنهن مان گڏيل ملڪن جي بهبودي ۽ پلائيءَ متعلق شگون ڪڍيا ويندا هئا. پوءِ ان جو لاش اهڙي هنڌ آندو ويندو هو، جتي سيٿي ماڻهو، پاڻ کي پاڪ ڪرڻ جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ ان جي مٿان چڙهي بيهندا هئا. انهيءَ پوئين حالت مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ماڻهن جا گناه مقتول ڏانهن اهڙيءَ طرح منتقل ڪيا ويندا هئا، جهڙيءَ طرح يهودين جو پادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدقي جي ٻکري جي مٿي تي هٿ رکي ماٿهن جا گناهه ڏانهنس منتقل ڪندو هو، ۽ جيئن ئي انهيءَ ماٿهوءَ ۾ ڪنهن ديوتائي روح جو واسو سمجهيو ويندو هو، ان ڪري اسان کي، بنان ڪنهن شڪ و شبهي جي، هڪ اهڙي ماٿهوءَ - ديوتا جو مثال ملي ٿو، جنهن کي انهيءَ لاءِ قتل ڪيو وڃي ٿو ته جيئن اهو ماٿهن جا گناهه ۽ انهن جون مصيبتون پاڻ سان گڏ کڻي وڃي.

ٽهيت ۾ صدقي جي ٻکري جي رسم اسان جي اکيان کي عجيب و غريب خصوصيتون پيش ڪري ٿي. ٽهيت جو نئون سال نئين چنڊ سان شروع ٿيندو آهي، جو پندرهين فبروريءَ تي ظاهر ٿيندو آهي. ٽيويهن ڏينهن تائين دارالحڪومت، لاهسا، جي حڪومت ان جي دستوري حڪمرانن جي هٿان ڦيرائي، ديبانگ مڙهيءَ جي جي پائي جي سپرد ڪئي ويندي آهي، جو انهيءَ رعايت حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽي ۾ گهٽي قيمت آڇيندو آهي. ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي "جلنو" سڏيو ويندو آهي، جو پنهنجي اقتدار ۾ اچڻ جي حقيقت جو اعلان شخصي طرح لاهسا جي گهٽين مان چانديءَ جي هڪ لٽ هٿ ۾ کڻي، ڪندو ڦرندو آهي. آس پاس جي سيني سندرن ۽ مڙهين جا ٻاوا سندس اکيان جهڪن ۽ پنهنجي انڪساريءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ اتي اچي جمع ٿيندا آهن. "جلنو" پنهنجي اختياري پنهنجي فائدي خاطر انتهائي خود غرضانه نموني سان ۽ بغير ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي، استعمال ڪندو آهي. جو تم جيڪي به ڏنڊ ۽ محصول اهو ماٿهن کان اڳاڙيندو آهي، سي آنهيءَ عهدي جي خريداريءَ جي معاهدي مطابق سندس هوندا آهن. ڪيس جيڪو منافعو ملندو آهي، سو خريداريءَ جي قيمت کان اٽڪل ڏهوڻو هوندو آهي. سندس ماڻهو گهٽين ۽ رستن ۾ نڪري پوندا آهن، ته جيئن شهر جي باشندن طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرزد ٿيل هر اهڙيءَ حرڪت کي تاڙي سگهن، جنهن مان ڪو نقص ڪڍي سگهجي. انهيءَ وقت لاهسا جي هر هڪ گهر تي محصول وڌو ويندو آهي ۽ انتهائي خسيس ڏوهن لاءِ تمام ٻي لحاظيءَ سان ڏنڊن ذريعي سخت سزائون ڏنيون ويندیون آهن. "جلنو" جي اها سختي سيني ڪاريگرن ۽ مزدورن وغيره کي شهر ڇڏي، پڇي وڃڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي، جيسين اهي ٽيوبھ ڏينهن رڄي پورا ٿين. پر جيڪڏهن شهري فرار ٿي ويندا آهن تہ سندن جاءِ پادري اچي والاريندا آهن. ميلن تائين دور دور، سڄي ملڪ جون پڪ ڏرم وارن جون مڙهيون، پنهنجا دروازا کولي، منجهن رهندڙ سيني پنڊتن، پادرين، ۽وچارين ۽ چيلن کي ڇڻ تہ ڪري ٻاهر اچلائيندیون آهن. آسپاس وارن جبلن ڪان هيٺ لاهسا ڏانهن ايندڙ سڀ رستا ٻاون سان ڀريا پيا هوندا آهن، جن مان ڪي پيادل، ڪي گهوڙن تي سوار، ڪي گڏهن تي، تہ ڪي پان پان ڪندڙ ڏڪن تي چڙهيل، دارالحڪومت ڏانهن انتهائي تيزيءَ سان پيشقدمي ڪندا نظر ايندا آهن. سيني کي پنهنجا پوڄا پاٺ ڪرڻ جا ڪتاب ۽ رڌڻ پچائڻ جا برتن ساڻ هوندا آهن. اهي ٻاوا ۽ پنڊت ايتري تہ گهٽي تعداد ۾ ايندا آهن، جو شهر جون گهٽيون ۽ چونڪ انهن جي انبوهن سان ڊڪيا پيا هوندا آهن ۽ انهن جي ڳاڙهن چوغن ۽ جبن جي رنگ سان رنگجي رت جهڙا ڳاڙها نظر ايندا آهن. انهيءَ وقت جي بدانتظامي ۽ هل هنگامو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. انهن مقدس ماڻهن جون ٽوليون ڳلين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرنديون، سنتر جنتر آلاپيندیون يا بي تحاشا دانهون ۽ رڙيون ڪنديون، رهنديون آهن. اهي ٻاوا هڪ ٻئي سان ملندا آهن، هڪ ٻئي کي ڏڪا ۽ ٽيلها ڏيندا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تکرار ڪندا آهن ۽ وڙهندا آهن، رت وهائيندڙ نڪ ڪاريون ٽيل اکيون ۽ قاتل مٿا هڪ ٻئي کي آزاديءَ سان ڏنا ۽ ورتا ويندا آهن.- سڄي ڏينهن تائين، پرهه ڦٽيءَ کان وٺي، ويندي منهن اونداهيءَ کان بعد تائين، ڳاڙهن جبن وارا اهي ٻاوا عظيم ميڙ رانات جي مندر اندر، جو لاهسا جي ڪليسا آهي، ڏوپ ۽ واس سان پريل، اونداهيءَ فضا ۾ پوڄائون ڪندا رهندا آهن. مندر ۾ انهن پوڄارين جا انبوهه ڏينهن ۾ ٽي دفعا چانهه، شوربي ۽ پيسن جي خيرات وٺڻ لاءِ وڃي گوڙ گهمسان مچائيندا آهن. اهڙا ڪليسا شهر جي عين وچ ۾ بيٺل هڪ عاليشان عمارت آهي، جنهن جي چوطرف بازارين ۽ دڪان آهن. انهيءَ ۾ جيڪي مجسما رکيل آهن، تن ۾ تمام گهٽو سون پريل آهي ۽ منجهن قيمتي هيرن ۽ جواهرن جي مينا ڪاري ٽيل آهي.

"جلنو" جي اقتدار ختم ٿيڻ کان ڇوويهه ڏينهن اڳ، هو وري به اها اختياري حاصل ڪندو آهي ۽ ڏهن ڏينهن تائين وري به، حسب سابق، نهايت خود غرضانه نموني سان هلندو آهي. انهن ڏهن ڏينهن جي پهرئين ڏينهن تي پوجاري وري به انهيءَ مندر ۾ جمع ٿيندا آهن، ديوتائن کان دعائون گهرندا آهن ته اهي بيمارين ۽ پين برائن کي ماڻهن ۾ اچڻ کان روڪين، ۽ سڪ سلامتيءَ جي نذراني طور هڪ ماڻهو قربان ڪندا آهن. انهيءَ ماڻهوءَ کي جاڻي ٻجهي قتل ڪيو ويندو آهي. پر جيڪا رسم ڪيس ادا ڪرڻي پوندي آهي، سا ان لاءِ مهلڪ ثابت ٿيندي آهي. سندس منهن تي انلج جا داڻا هنيا ويندا آهن ۽ ان جي اڏ شڪل اڇي ۽ اڏ ڪاري ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح پوائتي صورت اختيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ، ۽ ٻانهن تي چمڙي جو چوغو رکي ، ڪيس "سالن جي بادشاه" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ پوءِ اهو هر روز بازار جي چونڪ ۾ وڃي وهندو آهي ، جتي ڪيس جنهن به شيءِ تي دل ٿيندي آهي ، سا هو آزاديءَ سان کائيندو آهي ۽ ڪاري رنگ واري [۱] "ياڪ" جو پڇ ماٿهن ماڻهن هلائيندو ويندو آهي ، جيانهيءَ طرح پنهنجي بدبختي ان کي منتقل ڪري ڏيندا آهن . ڏهين ڏينهن تي لاهسا ۾ مقيم سڀ فوجون وڏي مندر ڏانهن پيشقدمي ڪنديون آهن ۽ ان جي سامهون قطار ٻڌي بيهنديون آهن . "سالن جي بادشاهه" کي مندر کان ٻاهر آندو ويندو آهي ، جنهن کي جمع ٿيل سڀ ماڻهو ٿوري ٿوري خيرات ڏيندا آهن . پوءِ هو "جلنو" کي طعنا ڏيندو آهي ۽ هئين چوندو آهي ته "اسين جيڪي ڪجهه پتجن حوالن ذريعي ڏسي رهيا آهيون ، سو ڪو خواب يا دوکو ناهي . تون جيڪي ڪجهه سيکاري رهيو آهين ، سو سڀ ڪوڙ آهي ، " وغيره وغيره . "جلنو" ، جو ٿوري وقت لاءِ (۲)"عظيم لاما" جي نمائندگي ڪندو آهي ، انهن ڪافرانه تهمتن ۽ راين جي مخالفت ڪندو آهي ، تڪرار جئين پوءِ تئين گرما گرم ٿيندو رهندو آهي ، تانجو آخرڪار ٻئي ڇٽا تڪراري سوالن جو فيصلو ڏاري جي داؤ سان طئ ڪرڻ لاءِ راضي ٿيندا آهن ۽ "جلنو" هيءَ گهالهه منظور ڪندو آهي ته جيڪڏهن ڏارو سندس خلاف ويندو ته هو صدقي

[۱] ٻڪڻيءَ جي نسل جو هڪ جانور ، جو مرڪزي ايشيا وارن ملڪن ۾ گهڻو ٿيندو آهي ۽ پنهنجن ٻڌهن وارن سبب نمايان هوندو آهي . ٿيبٽ ۽ ٻين جابلو ملڪن جا ماڻهو ڪيس باربرداريءَ ۽ هر ڪيڙن لاءِ گهڻو استعمال ڪندا آهن .

[۲] ٿيبٽ جي پوڌي ڪليسا جو سڀني کان اعليٰ پادري - عظيم لاما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻکري سان پنهنجي جاءِ تبديل ڪندو. جيڪڏهن "سالن جو بادشاهه" ڪٽندو آهي، تہ ان کي مستقبل ۾ تمام گهٽيءَ برائيءَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي؛ پر جيڪڏهن "جلنو" ڪامياب ٿيندو آهي، تہ وڏا شادمانا ڪيا ويندا آهن، چو تہ ان مان ثابت ٿيندو آهي تہ سندس مخالف کي ديوتائن صدقي جي ٻکري جي حيثيت ۾ منظور ڪرڻ تسليم ڪيو آهي، جو لاهسا جي سڀني باشندن جا گناهه پنهنجي مٿان هموار ڪري کڻي ويندو. بهرحال، تقدير هميشه "جلنو" جي حق ۾ وهي ويندي آهي، جو بغير ڪنهن ردوبدل جي، هميشه ڇڪا ئي ڇڪا اڇلائيندو آهي ۽ سندس مخالف هميشه کڻي ئي کڻي هٿندو آهي. نہ وري انهيءَ ۾ ڪا غير معمولي ڳالهه آهي، جيڏن پهرينءَ نظر سان معلوم ٿيندو، چو تہ "جلنو" جي ڊارن تي فقط ڇڪا ڇاپيل هوندا آهن ۽ سندس مخالف جي ڊارن تي، فقط ڪٽيون. جڏهن هو ڏسندو آهي تہ قدرت سندس خلاف ئي انگشت نمائي ڪري رهي آهي، تڏهن "سالن جو بادشاهه" ڊڇي ويندو آهي ۽ اڇي گهوڙي تي سوار ٿي، هڪ اڇي ڪتي، اڇي پکيءَ، لوڻ وغيره سان گڏ، جي سڀئي شيون ان لاءِ سرڪاري خرچ تي مهيا ڪيون ويئون هونديون آهن، اتان پڇي نڪرندو آهي. سندس شڪل اڌا ڪاري نيم سفيد ۽ نيم سياهه هوندي آهي ۽ ڪيس اڌا ڪاري چمڙي وارو ڇوڳو ٻيل هوندو آهي. سڀ ماڻهو چيخون ڪندا ۽ خالي ڪارتوسن جون باڙهيون هڪ ئي وقت ڇوڙيندا، سندس تعاقب ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح شهر مان هڪالجي نڪرڻ کان پوءِ، ڪيس ستن ڏينهن تائين "سمياز مڑهيءَ" جي پوائتي ڪمري اندر، جنهن جي چوڌاري شيطان جون هيبتناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ خوفناڪ تصويرون ۽ وڏن ازدهائن ۽ جهنگلي درندن جون ڪلون لٽڪيل هونديون آهن، نظر بند ڪيو ويندو آهي. اتان ڪان پوءِ هو چيتانگ جبلن ۾ ويندو آهي، جتي ڪيس گهٽن مهينن يا هڪ سال تائين هڪ تنگ غار اندر جلاوطن ٿي گذارڻو پوندو آهي. جيڪڏهن مقرر وقت ڪان اڳ ئي هو مري ويندو آهي، تہ ماڻهو ان کي نيڪ شگون سمجهندا آهن، ۽ جيڪڏهن هو بچي ويندو آهي، تہ ڪيس وري لاهسا ڏانهن واپس وڃڻو پوندو آهي، جتي ان کي ايندڙ سال پيو دفعو صدقي جي ڪري جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي.

اها عجيب و غريب رسم، جا اڄا تائين هر سال ڏرم جي دور دراز ۽ تنها ييل دارالحڪومت - ايشيا جي روم - ۾ ادا ڪئي ويندي آهي، نهايت دلچسپ آهي، ڇو تہ اها مذهبي طبقہ بنديءَ ۾، مقدس ۽ ديوتا صفت نجات ڏيارينڊڙن جي هڪ اهڙي سلسلي جي نمائش ڪري ٿي، جن کي خود نجات ڏياري وڃي ٿي ۽ جا ٻين لاءِ قربانين ڏيڻ جي هڪ اهڙي سلسلي جو مظاهرو ڪري ٿي، جن جي ڪوٽ اڄا ٻ ڪن ٻين ماڻهن کي قربان ڪري ۾ ڪئي وڃي ٿي، ۽ جا اهڙن ديوتائن کي ابدي حيات بخشڻ جي سلسلي کي مڪمل ڪري ٿي، جن ديوتائي رعايتون تہ سڀ پاڻ وٽ رکيون آهن، ۽ انهيءَ درجي سان جيڪي درد ۽ مشقتون همراه هونديون آهن، تن جو انهن پاڻ تان بوجھ لاهي ڇڏيو آهي. "جلنو" جي شخصيت ۾ اسان کي دماغ تي اڃائي گهٽي زور ڏيڻ کان سواءِ ٿي، انهن عارضي بادشاهن ۽ فاني ديوتائن جو جانشين ملي ٿو، جو پنهنجي زندگي جي قيمت تي اقتدار ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شان و شوکت ماڻڻ جو ٿورو عرصو خريد ڪندو آهي.
هن ڳالهه جي ته خاطري آهي ته هو "عظيم لاما" جو عارضي
متبادل آهي، ڪيس ماڻهن لاءِ صدقي جي ٻکري ٿيڻ جو انديشو
رهي ٿو يا ڪنهن وقت رهندو هو، تنهنجي ذري گهٽ خاطري
صدقي جي اصلي ٻکري — "سالن جي بادشاه" — سان جاءِ تبديل
ڪرڻ جي سندس پيشڪش مان ٿئي ٿي، جيڪڏهن ڏاري جو
فيصلو سندس خلاف وڃي ها. هيءَ حقيقت آهي ته جن حالات هيٺ
انهيءَ سوال جو هينئر فيصلو ڪيو وڃي ٿو، تن انهيءَ پيشڪش
کي محض هڪ رسمي صورت ڏيئي ڇڏي آهي. پر اهڙيون رسمي
صورتون به محض ڪي ڪنيون ناهن، جي هڪ رات اندر پنهنجو
پاڻ نڪري ويٺيون آهن. جيڪڏهن هن وقت اهي بي جان رسمون
آهن ۽ ڪنهن به مقصد ۽ معنيٰ کان خالي ٿوٽڙ آهن، ته به
اسان کي خاطري ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن وقت انهن ۾ زندگي
هئي ۽ اهي ڪنهن معنيٰ جون حامل هيون، جيڪڏهن اڄ ڪلهه
اهي اهڙيون انڊيون ڳليون آهن، جي ڪنهن به منزل ڏانهن نه
ٿيون وڃي وڃن، ته به اسان کي خاطري ڪرڻ گهرجي ته اڳئين
زماني ۾ اهي اهڙا پيچرا هئا، جي ڪنهن نه ڪنهن منزل ڏانهن،
خواه اها موت ئي هئي، ضرور وڃي ٿي ويا. هيءَ قياس معقول نظر اچي ٿو
ته قديم زماني ۾ ٽيبٽ واري صدقي جي ٻکري جي منزل، بئزارجي چونڪ
وٽ ٿوري وقت لاءِ عام آزادي ماڻڻ کان پوءِ، موت ئي هئي. ان
سان مشابهت رکندڙ بيا مثال انهيءَ ڳالهه کي قابل قياس بڻائين
ٿا، سندس پٽيان جيڪي ڪارتوس چوڙيا وڃن ٿا، اهو بيان ته
اها رسم گهٽو ڪري مهلڪ ثابت ٿيندي آهي ۽ هيءَ اعتقاد، ته
هن جو موت هڪ نيڪ شگون آهي، اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قياس جي تصديق ڪن ٿيون. اسان کي ان ڪري ڪوبہ تعجب نہ ڪرڻ گھرجي تہ "جلنو" ٿورن ھفتن لاءِ نائب- ديوتا جي عھدي ماڻڻ لاءِ ايترينءَ وڏينءَ قيمت ادا ڪرڻ ڪان پوءِ، جڏھن سندس وقت ختم ٿيندو ھو، تڏھن ھو شخصي طرح مرڻ ڪان پنھنجي عيوضيءَ ذريعي مرڻ کي ترجيح ڏيندو ھو. چنانچہ، اھو دردناڪ پر ضروري فرض ڪنھن نہ ڪنھن اھڙي بدبخت تي عائد ڪيو ويندو ھو، جو سماج ڪان تڙيل ھوندو ھو، يا ڪنھن اھڙي بد نصيب جي مٿي تي ھنيون ويندو ھو، جنھن سان ھيءَ دنيا ڏاڍي ڏکي نموني پيش آئي ھوندي، جو ٿورن ڏينھن ڪان پوءِ پنھنجي زندگي ڏيڻ آسانيءَ سان قبول ڪندو ھو، بشرطيڪ ڪيس انھيءَ وچ ۾ موج ۽ مزي ڪرڻ جو موقعو ملندو ھو. چوتہ اوھان ٻي ڏسو تہ جڏھن اصلي نمائندي—"جلنو"—کي جيتري وقت جي فرصت ڏني ويندي ھئي، تنھن جي پيمائش ھفتن ۾ ڪئي ويندي ھئي، اتي نمائندي جي نمائندي کي جيڪو وقت ڏنو ويندو ھو، تنھن ۾ تخفيف آڻي ان کي ڏينھن تائين آندو ويو، جو ھڪ اختياريءَ مطابق ڏھ ڏينھن ھو، تہ ھيءَ موجب ست ڏينھن. اھڙيءَ ڪاريءَ ۽ ڪريل سڙيل رڍ لاءِ ايتري نندي رسي ڪافي سمجھي ويندي ھئي، گھڙيال ۾ پيل ريتيءَ جا ايتزا ٿورا داڻا، جي اھڙيءَ تيزيءَ سان ترڪندا ٿي ويا، اھڙي ساڻھوءَ لاءِ ڪافي ھئا، جنھن پنھنجا ايترا قيمتي سال ضايع ڪري ڇڏيا ھئا. چنانچہ، انھيءَ احمق جي صورت ۾، جو رنگا رنگي شڪل سان لاھسا جي بازار جي چونڪ ۾ ھيٺ مٿي مظاھرو ڪندو ڦرندو رھي ٿو، جو بدبختيءَ کي ڪاري "ياڪ" جي پڇ سان ٻوھاريندو رھي ٿو، اسان کي صاف طرح عيوضيءَ جو ھڪ عيوضي، پوجاريءَ جو ھڪ پوجاري، ھڪ اھڙو گماشتو نظر اچي ٿو، جنھن جي پٺيءَ تي زياده شاندار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهن تان بار لاهي، لڏيو ويندو هو. پر اهو سراغ، جيڪڏهن اسان صحيح طور ان جي پٺ ولندا آيا آهيون، "جلنو" وٺ ختم نه ٿو ٿئي، اهو اسان کي سڏو لاهسا جي پوپ، "عظيم لاما" ڏانهن پٽتي ولي وڃي ٿو، جنهن جو "جلنو" محض هڪ عارضي نئيو پادري آهي. مختلف ملڪن ۾، مختلف زمن جي هڪ ٻئي سان مشابهت هن نتيجي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، ته جيڪڏهن هيءَ انسان - ديوتا ٿوري عرصي لاءِ پنهنجيءَ روحاني طاقت کي هڪ نمائندي جي هٿن ۾ ڏيڻ لاءِ هيٺ جهڪي ٿو، ته ان جو مقصد هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ناهي يا البت ڪنهن زماني ۾ هو، ته اهو نمائندو سندس ٻجاءِ مري. چنانچه، زمانن جي ڏنڊ مان، جو تاريخ جي چراغ جي شعاع کان محروم آهي، بڏ ڏوم جي انهيءَ پوپ، - زمين تي ايشيا لاءِ خدا جي خليفي - جي افسوسناڪ صورت، انهيءَ ديوتا - ماڻهوءَ وانگر، جنهن جي مٿان سندس قوم جي ڏکن جو بار رکيل هو، انهيءَ "نيڪ ريڊار" وانگر، جنهن ردن لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي، ڏنڊلڪي ۽ افسرده خاطر نظر اچي رهي آهي.

۴- **عام صدقي جي ڪرن متعلق :** ڳوٺ يا شهر يا ملڪ جي جمع ٿيل براين کي ظاهر ظهور نيڪالي ڏيڻ جي رسم جو جيڪو مٿيون جائزو ورتو ويو آهي، تنهن تي عام نوعيت جي چند تبصرن ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سڀ کان اول، هن باري ۾ ته ڪنهن کي به اختلاف ڪونه هوندو ته جن کي سون وسيلي کان سواءِ ۽ وسيلي وارو براين جو اخراج سڏيو آهي، تن پنهي جو مقصد هڪ جهڙ وٺي آهي، ۽ ان لفظن ۾ ڪٿي ڇڪجي ته براين کي غيبي سمجهيو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا کين ڪنهن سادي صورت اندر سمايل تصور ڪيو وڃي، سا هڪ اهڙي حالت آهي، جا انهيءَ رسم جي سول مقصد جي بلڪل ماتحت آهي، جنهن جو ڪر فقط انهن سڀني براين جو مڪمل صفايو ڪرڻو آهي، جي قوم کي وڪوڙي ويٺون هوندیون آهن. انهن نيڪالين جي ٻنهي قسمن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڪڙيءَ جي ضرورت لاحق هجي، تہ اها ڪَمي براين کي هڪ چڪڙي يا ٻيڙيءَ ۾ وجهي ٻاهر ڪڍڻ جو رواج پُر ڪري ٿو. ڇو تہ هتي، هڪ طرف برايون غيبي ۽ حواسن وسيلي محسوس ڪرڻ جي ناقابل آهن ۽ ٻئي طرف کين ڪٽي وڃڻ لاءِ ظاهر ظهور ۽ سادي ذريعو استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ صدقي جو ٻکرو محض هڪ وسيلي يا ذريعي کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ ۾ ناهي.

ٻئي طرف، جڏهن فصلي طور براين جي عام صفاييءَ ڪرڻ جو قدم کنيو وڃي ٿو، تڏهين انهيءَ رسم جي خوشين ملهائڻ جي درميان وارو عرصو عام طور هڪ سال ٿئي ٿو ۽ سال جواهو وقت، جڏهن اها رسم ادا ڪئي وڃي ٿي، گهٽو ڪري موسم جي ڪنهن نمايان تبديليءَ سان ٺهڪندو آهي، جهڙوڪ قطبي ۽ ٻوريءَ ٻنيءَ آب و هوا وارن ٻنن ۾ سياري جو آغاز يا انجام ۽ خط استوا واري ٻنڊي ۾ مينهوڳيءَ جي شروعات يا پڄاڻي. اهڙين موسمي تبديلين سبب ماڻهن، خاص طرح اڏورن ٻکين، نيز اگهاڙن ۽ ناقص اجهن وارن وحشين ۾، موت جي تعداد ۾ اضافي جو جيڪو امڪان پيدا ٿئي ٿو، تنهن کي قديم‌النسل ماڻهو پوتن ۽ شيطانن جي ڪارستانيءَ سڀان تعبير ڪري ٿو جن کي، ان ڪري، هڪالي ڪڍڻ لازمي ٿئي ٿو. چنانچہ، نيو برٽن ۽ پيروءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط استوائي علائقن ۾ شيطانن کي سينهوگيءَ جي موسم جي شروعات ۾ باهر هڪالي ڪڍيو ويندو آهي يا ڪڍيو ويندو هو، اهو ئي سبب آهي، جو ٻيڻن لڱن جي ويران ۽ سنسان ڪنارن تي اهڙن پوتن کي سخت قطبي سياري جي قريب اچڻ وقت ملڪ بدر ڪيو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن قوم زراعت جو پيشو اختيار ڪيو هوندو آهي، تڏهن پوتن جي عام اخراج واري وقت کي قدرتي طور زرعي سال جي ڪنهن خاص وڏي موقعي، جهڙوڪ ٻيجي ڪرڻ يا لاباري لڻ سان ٺهڪايو ويندو آهي، ۽ جئين ته خود اهڙا وڏا موقعا، بلڪل فطرتي طور موسمي تبديلين سان ٺهڪن ٿا، تنهن ڪري ان مان هيءَ نتيجو نه ٿو نڪري ته شڪاري زندگيءَ يا خانه بدوشيءَ واريءَ حالت کان زرعي زندگيءَ ڏانهن تبديليءَ ۾، انهيءَ وڏيءَ سالياني ۽ تقريب ملهائڻ جي وقت جي ڦير گهير ماخوذ آهي. هندستان ۽ هندوڪش جا ڪي زراعت پيشه قبائل، جئين امين ڏسي آيا آهيون، پوتن جي عام نيڪاليءَ جو ڪم لاباري وقت ڪندا آهن، ته ڪي ٻيا وري ٻيجي ڪرڻ وقت. پر اهو ڪم سال جي ڪهڙيءَ ٻ موسم ۾ ڪيو وڃي ٿو، پوتن جو عام اخراج گهٽو ڪري ٽئين سال جي آغاز وقت ڪيو وڃي ٿو، جو ته، ٽئين سال اندر قدم رکڻ کان پيشتر، ماٺهي پاڻ کي انهن تڪليفن کان نجات ڏيارڻ لاءِ منتظر رهن ٿا، جن. انهن کي گذريل سال جي دوران ۾ سک جو ساهه کڻڻ نه ڏنو هو، اهو ئي سبب آهي، جو گهٽين قومن ۾ ٽئين سال جي آغاز جو افتتاح بد روحن جي عام جلا وطنيءَ سان ڪيو ويندو آهي.

ٽئين طرف، هيءَ ڳالهه ڏسڻ گهرجي ته شيطانن جي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ۽ فصلي اخراج کان گھٽو ڪري اڳي يا پوءِ عام آزاديءَ جو وقت ايندو آھي، جنھن جي دوران ۾ معاشري طرفان عائد ڪيل رواجي رڪاوٽون ھٽايون ويندیون آھن ۽ انتھائي سنگين ڏوھن کان سواءِ، بين سڀني ڏوھن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ويندو آھي. گنيءَ ۽ ٽونڪئين ۾، آزاديءَ جو اھو وقت شيطانن کي عام نيڪاليءَ ڏيڻ کان اڳي ايندو آھي ۽ صدقي جي پڪري جي نيڪاليءَ کان اڳ، لاھسا جي رواجي حڪومت جي معطلي عام آزاديءَ جي ساڳئي وقت جو شايد ھڪ يادگار آھي. ھندستان جي "ھوز" قوم وارن ۾ آزاديءَ جو وقت شيطان جي نيڪاليءَ کان پوءِ ايندو آھي. اروڪيوز قبيلي وارن ۾ اھو معلوم ڪرڻ مشڪل آھي تہ اھا آزادي شيطانن جي نيڪاليءَ کان اڳ ملندي ھئي يا پوءِ. بھرصورت، اھڙن موقعن تي ھلت ڇلت جي رواجي قانونن جي سختيءَ ۾ جيڪا غير معمولي ڍِل ڪئي ويندي ھئي، تنھنجي سمجھاڻي بنان ڪنھن شڪ و شبھي جي، براين جي عام صفائيءَ ذريعي ئي ڏئي سگھجي ٿي، جا ان کان اڳ يا پوءِ ڪئي ويندي آھي. ھڪ طرف، جڏھن براين کان عام نجات ۽ سڀني گناھن کان معافيءَ ملڻ جي فوري-اميد ملي ٿي، تڏھن ماڻھن کي پنھنجين نفساني خواھشن کي پوريءَ طرح راضي ڪرڻ لاءِ ھمت پيدا ٿئي ٿي، جو تہ کين ھن ڳالھ ۾ اعتقاد رھي ٿو تہ آيندڙ رسم سڀني گناھن کي، جن ۾ اھي ايتريءَ تيزيءَ سان اضافو آڻي رھيا آھن، ميساري ڇڏيندي. ٻئي طرف، جڏھن اھا رسم سس ئي ادا ٿئي ٿي، تڏھن ماڻھن جون دليون شيطانن ۽ پوتن سان پريل فضا جي آزاربندڙ احساس کان آزاد ٿين ٿيون، جنھن کي اھي عام طرح برداشت ڪندیون رھن ٿيون، خوشيءَ جي انھيءَ اوچتي ڦيري ۾، ماڻھو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن حدن کان ٻاهر ٿيي وڃن ٿا، جي عام طرح رسم ۽ اخلاق انهن لاءِ مقرر ڪيون آهن. جڏهن اها رسم لاباري وقت ادا ڪئي وڃي ٿي، تڏهن جذبات جي انهيءَ آمنگ کي، جا ان ڪري پڙهڪو کائي جوش ۾ اچي ٿي، جسماني خوشحاليءَ ۽ عافيت جي حالت سبب، جيڪا بي انداز اناج جي پيداوار جي نتيجي ۾ محسوس ڪئي وجي ٿي، ايا زياده زوردار انگيخت لڳي ٿي.

چوٽون، ديوتائي ماڻهو يا جانور کي صدقي جي ٻکري طور استعمال ڪرڻ جي حقيقت خاص طور قابل نوجه آهي؛ درحقيقت، هتي اسان جو براين جي نيڪاليءَ سان فقط ان حد تائين سڌو سنئون واسطو آهي، جيستائين انهن براين کي ديوتا ڏانهن منتقل ٿيندو يقين ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي بعد ۾ قتل ڪيو وجي ٿو. ممڪن آهي ته هيءَ شڪ اڀاريو وڃي ته ديوتائي ماڻهوءَ يا جانور کي صدقي جي عام ٻکري جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جي رسم هتي بيان ڪيل مثالن کان تمام دور دور تائين ڦهليل نظر اچي ٿي. چو ته، جيئن اڳ ۾ ئي اشارو ڪيو ويو آهي، ديوتا کي قتل ڪرڻ جي رسم ماڻهوءَ جي تاريخ جي اهڙي ته قديم دور کان ولي هلندي آئي آهي، جو پوين زمانن ۾ جيتوڻيڪ اها رسم آئين ئي ادا ٿيندي آئي آهي، ان جي باوجود سندس معنيٰ ۽ مفهوم ۾ غلط فهميءَ پيدا ٿيڻ جو انديشو رهيو آهي. انهيءَ جانور يا ماڻهوءَ جي ديوتائي نوعيت فراموش ڪئي وجي ٿي ۽ ان کي جيئن پوءِ ٿيئن، صدقي جو محض هڪ رواجي جانور يا ماڻهو سمجهو وجي ٿو. انهيءَ ڪاڻ جو امڪان خاص طرح انهيءَ حالت ۾ رهي ٿو، جڏهن ديوتائي ماڻهوءَ کي قربان ڪيو وجي ٿو. چو ته جڏهن ڪا قوم تهذيب يافته ٿئي ٿي تڏهن، جيڪڏهن اها انساني قربانين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سلسلي کي بلکل ئي ترڪ نه ٿي ڪري، ته ٻ ڪر از ڪر قربانين لاءِ فقط اهڙن بدبختن کي منتخب ڪري ٿي، جن کي بهر صورت ماريو ئي ويندو. چنانچ، ديوتا جي قتل کي ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڏوهاريءَ جي قتل سان سنجهائڻ جو امڪان هر وقت موجود رهي ٿو.

جيڪڏهن اسين هيءَ سوال ڪريون ته سڄيءَ قوم جي گناهن ۽ ڏکن کي پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي ڪٽي وڃڻ جي ذميداري پاڻ تي هموار ڪرڻ لاءِ هڪ ديوتا کي چو منتخب ڪرڻ گهرجي، ته ان جو هيءَ جواب پيش ڪري سگهجي ٿو ته هڪ ديوتا کي صدقي جي ٻکري جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جي رسم ۾، اسان کي ٻن رسمن جو اشتراڪ ملي ٿو، جي ڪنهن وقت بلکل مختلف ۽ آزاد، ۽ علحده رسمون هيون. هڪ طرف، اسان ڏٺو آهي ته انسان يا حيوان ديوتا جي مقدس زندگيءَ کي وڌيءَ عمر جي ڪائن لڳڻ سبب ڪمزوريءَ ۽ ناتوانائيءَ کان بچائڻ لاءِ، کين قتل ڪرڻ جو رواج هلندو آيو آهي؛ ٻئي طرف اسان ڏٺو آهي ته برائين ۽ گناهن کي سال ۾ هڪ دفعو عام نيڪاليءَ ڏيڻ جو رواج ۾ جاري رهندو آيو آهي. هاڻي، جيڪڏهن انهن ٻنهي رسمن کي ملائي هڪ ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڪو خيال اچي ويو، ته ان جو نتيجو مرندڙ ديوتا کي صدقي جي ٻکري جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جو نڪرندو. ڪيس اصل ۾ گناهن ڪٽي وڃڻ لاءِ نه، پر مقدس ديوتائي زندگيءَ کي ٻڌاپي جي زوال کان بچائڻ لاءِ قتل ڪيو ويندو هو؛ ۽ جنهن صورت ۾ ڪيس هر حالت ۾ قتل ڪرڻو ئي هوندو هو، ان ڪري ممڪن آهي ته ماڻهن اهو ئي خيال ڪيو هجي ته اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن ڏکن ۾ گناهن جي ٻوجي کي مٿانئس رکڻ جي موقعي مان فائدو وٺن، ته جيئن اُهو انهن کي پاڻ سان گڏ قبر جي پرين ۽ ڪنديءَ تي نامعلوم دنيا ڏانهن کڻي وڃي. !

ديوتا کي صدقي جي پکري طور استعمال ڪرڻ مان اهو سونجهارو صاف ٿيو پوي جيڪو اسان ڏٺوسون، "موت کي باهر ڪڍي وڃڻ" جي يورپي لوڪ-رسم جي چوڌاري نظر اڇي ٿو. هن يقين ڪرڻ لاءِ کي اهڙا دليل پيش ڪيا ويا آهن ته انهيءَ رسم ۾ نام نهاد "موت" دراصل نباتات جو روح هو، جنهن کي سال بسال موسم بهار ۾ هن لاءِ قتل ڪيو ويندو هو، ته جيئن اهو جوانيءَ جي پرپور طاقت سان وري جيئرو ٿي موٽي اچي. پر جيئن سون اڳ ئي اشارو ڪيو، هن رسم ۾ کي اهڙا خاص نڪتا آهن، جي محض انهيءَ قياس جي بنياد تي قابل فهم نه ٿا ٿي سگهن. اهڙا نڪتا، هڪ اها خوشي آهي، جنهن سان "موت" جي مجسمي کي دفن ڪرڻ يا ساڙڻ لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر نيون ويندو آهي ۽ ٻيو اهو ڊپ ۽ اها نفرت آهي، جنهن جو "موت" جي مجسمي جا حامل مظاهرو ڪندا آهن. پر اهي ٻئي خصوصيتون هڪدم قابل فهم ٿيو پون، جيڪڏهن اسين هيءَ فرض ڪريون ته "موت" محض نباتات جو مرندڙ ديوتا ئي ڪونه هو، پر ان سان گڏ اهو عام صدقي جو پکرو ٻڌ هو، جنهن جي ذمي اهي سڀ ڏک ۽ تڪليفون ڪيون ويون هيون، جن سڄيءَ قوم کي گذريل سال جي دوران ۾ رنج پهچايو هو. اهڙي موقعي تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ هڪ فطرتي ۽ موزون عمل آهي، ۽ جيڪڏهن مرندڙ ديوتا انهيءَ ڊپ ۽ نفرت جي شيءَ معلوم ٿئي ٿو، جي درحقيقت انهيءَ جي سبب ڪري نه ٿا پيدا ٿين، ۽ انهن گناهن ۽ بدبختين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب وجود ۾ اچن ٿا، جن جو بار مڙس وڏو وڃي ٿو، تہ پوءِ اها حالت بار کڻندڙ ۽ خود بار جي درميان تميز پيدا ڪرڻ يا ڪم از ڪم انهيءَ امتياز کي محسوس ڪرڻ ۾ تڪليف سبب، پيدا ٿئي ٿي. جڏهن بار منحوس قسم جو هوندو آهي، تڏهن ان جي حاصل کان ۾ ايترو ئي ڊپ ۽ اوتري ئي نفرت ڪئي ويندي آهي، جڏ تہ خود اهو انهن خطرناڪ خصلتن سان پريل آهي، جن جو اهو، جيئن هميشہ ٿيندو آهي، محض هڪ ذريعو هوندو آهي. ساڳيءَ طرح اسان ڏٺو آهي تہ ايست انڊيز ٻيڻن جا باشندا گناهن ۽ بيمارين سان پريل ٻيڙين کان نفرت ڪندا آهن. وري، انهيءَ نظريي کي، تہ انهن عوامي رسمن ۾ "موت" صدقي جو ٻکرو ۽ نباتات جي مقدس روح جو نمائندو آهي، هن واقعي مان تقويت ملي ٿي تہ ان جو اخراج هميشہ موسم بهار ۾، ۽ خاص طور "سلئو" نسل وارن طرفان، ملهايو ويندو آهي. جو تہ "سلئو" نسل وارين قومن جو سال بهار ۾ شروع ٿيندو هو. اهڙيءَ طرح، پنهنجين مختلف خصوصيات مان هڪ ۾، "موت کي ٻاهر ڪڍي وڃڻ" جي رسم، نئين سال جي اچڻ کان اڳ، پراڻي سال جي گڏ ٽيل گناهن کي ٻاهر ڪيڻ جي دور دور تائين ڦهليل رسم جو هڪ مثال ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڻونجاهون

قديم زماني ۾ صدقي جا پکرا ماڻهن جي صورت ۾

۱- قديم روم ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ صدقي جا پکرا:

اسين هينئر قديم زماني جي ڏند ڪٿائن واري دور ۾ انساني صورت ۾ صدقي جي پکرن جي استعمال تي غور ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. هر سال مارچ مهيني جي چوڏهينءَ تاريخ تي، ڪلن ۾ ملبوس هڪ ماڻهوءَ کي روم جي گهٽين مان جلوس جي صورت ۾ گهمايو ويندو هو، ڪيس اڇين لئين سان ساريو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي شهر مان نيڪالي ڏني ويندي هئي. ڪيس مئموريس ويٽيوريس، يعني "پوڙهو مريخ" سڏيو ويندو هو ۽ جيئن ته اها رسم روميءَ سال جي پهرين چنڊ جي چوڏهينءَ کان هڪ ڏينهن اڳ (جو پهرين مارچ تي شروع ٿيندو هو) ادا ڪئي ويندي هئي، ان ڪري ڪلن ۾ ملبوس ماڻهو گذريل سال جي "مريخ" جي نمائندگي ڪندو هوندو، جنهن کي نئين سال جي آغاز وقت هڪالي ڪڍيو ويندو هو. هاڻي "مريخ" اصل ۾ جنگ جو نه، پر نباتات جو ديوتا هو. چو ته اهو "مريخ" ديوتا هو، جنهن کان روميءَ ڪاشتڪار پنهنجي فصل جي جهجائيءَ ۽ انگور جي ولين، ميوي جي وڻن ۽ پوڻن جي پلائيءَ لاءِ دعا گهرندو هو، اهو "مريخ" ئي هوندو هو، جنهن جي حضور ۾ آروال پائرن جي پادرين وارو ڪاليج، جنهن جو خاص ڪم فصلن جي واڌاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ قربانين ڏيڻ جو هونءُ هو، پنهنجون درخواستون ذڪي گهٽ خصوصي طور مخاطب ڪندو هو، ۽ اهو "مريخ" ئي هو، جنهن کي آڪٽوبر جي مهيني ۾، جيئن اسان ڏٺو، پرپور لاباري حاصل ڪرڻ لاءِ گهوڙي جي قرباني ڏني ويندي هئي. ان کان سواءِ اهو "مريخ" ئي هوندو هو، جنهن کي "ٻيلن جي مريخ" (مارس سلوانس) جي خطاب سان ڪڙمي پنهنجي چوپائي مال جي چڱپلائيءَ لاءِ قرباني ڏيندا هئا. اسان اڳي ئي ڏسي آيا آهيون تہ چوپائي مال کي عام طور وڻن جي ديوتائن جي خاص سرپرستيءَ هيٺ سمجهيو ويندو هو. هڪ دفعو وري ٻيهر، سومر بهار جي مارچ مهيني کي "مريخ" جي نالي ۾ مقدس ڪرڻ جي حقيقت مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿي تہ اهو ڦٽندڙ نباتات جو ديوتا هو. چنانچہ، نئين سال جي شروعات ۾، بهار جي سومر ۾ "پوڙهي مريخ" کي هڪالي ڪيڻ جي رومي رسم "سلئو" نسل وارن جي "موت کي باهر ڪڍي وڃڻ واريءَ رسم جهڙي آهي، بشرطيڪ پوئينءَ ذڪر ڪيل رسم متعلق اسان جيڪو نظريو اختيار ڪيو آهي، سو صحيح نہ آهي. رومي ۽ سلئووني رسمن جي درميان واريءَ انهيءَ مشابهت کي عالمن اڳي ئي زير غور آندو آهي جن، معلوم ٿئي ٿو تہ بهرحال، مٿيوريس ويٽيوريس ۽ سلئووني رسمن جي متشابہ هستين کي نباتات جي پوڙهي ديوتا جي بجاءِ، پراڻي سال جي نمائندي جي حيثيت ڏني آهي. اهو ممڪن آهي تہ پوين دورن ۾ انهيءَ قسم جي رسمن کي خود انهن ئي ماڻهن اها معنيٰ ڏني هجي جيڪي کين ادا ڪندا هئا. بهر صورت، رومي خواه سلئووني رسمن ۾ ديوتا جي نمائنده کي، نہ فقط نباتات جو ديوتا، پر صدقي جو ٻکرو ٻڌ، تصور ڪيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. سندس نيڪالي ۾ اهو راز مضمر آهي، جو ته ان لاءِ کوڙ ٻيو سبب موجود کونهي ته نباتات جي اهڙي ديوتا کي شهر بدر کيو وڃي. پر جيڪڏهن هو صدقي جو پکرو آهي، ته پوءِ گاله ئي ٻي آهي، پوءِ ته کيس شهر جي حدن کان هڪالي ٻاهر ڪڍڻ ضروري ٿيو پوي، ته پنهنجو دردناڪ بوجو ٻين ملکن ڏانهن کڻي هليو وڃي. حقيقت ته اها ٻيئي معلوم ٿئي ته مئموريس ويٽيوريس کي روم جي دشمنن، اوسکن قوم وارن، جي ملڪ ڏانهن هڪالي ڪيو ويندو هو.

۲- قديم يونان ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ صدقي جو پکرو:

قديم يوناني پڻ انساني صورت ۾ صدقي جي پکري جي استعمال کان واقف هئا. پلوٽارچ جي جنم واري شهر، چيروني ۾، شهر جو وڏو مئجسٽريٽ ٽائون هال ۾ ساڳي ئي قسم جي هڪ رسم ادا ڪندو هو ۽ شهر واسين سان هرهڪ اها رسم پنهنجي پنهنجي گهر اندر ادا ڪندو هو. انهيءَ رسم کي "بک جي نيڪالي" سڏيو ويندو هو. هڪ غلام کي "ائگنس ڪئسٽس" جي لئين سان ماريو ويندو هو ۽ کيس هنن لفظن سان گهر کان ٻاهر ڪڍيو ويندو هو ته "ٻاهر نڪر بک ۽ اندر اچ دولت ۽ صحت" جڏهن پلوٽارچ پنهنجي جنم واري شهر ۾ وڏي مئجسٽريٽ جي عهدي تي فائز هو، تڏهن هن پاڻ ٽائون هال ۾ اها رسم ادا ڪئي هئي ۽ هن اهو سڄو بحث مباحثو تحرير ڪيو آهي، جو بعد ۾ انهيءَ رسم جي وجود سبب منعقد ڪيو ويو هو.

پر، تهذيب يافته يونان ۾ صدقي جي پکري جي رسم انهيءَ معصوماڻ ساڻ کان، جنهن جي ستان خوش طبع ۽ نيڪدل پلوٽارچ صدارت ڪئي هئي، زياده وحشيانه صورتون اختيار ڪيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن به مارسيلز ۾، جا سڀني يوناني بيٺڪن کان زياده آباد ۽ شاندار هئي، پليگ جي وبا تباهي مچائيندي هئي، تڏهن غريب طبقي جو هڪ ماڻهو پاڻ کي صدقي جي ٻڪري جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پيش ڪندو هو. سڄي سال تائين ڪيس سرڪاري خرچ تي رکيو ويندو هو ۽ ڪيس بهترين ۽ خالص ڪاڏو ڪارايو ويندو هو. سال جي عرصي ختم ٿيڻ وقت، ڪيس مقدس پوشاڪ پهرائي ويندي هئي، پاڪ تارين سان سينگاريو ويندو هو ۽ سڄي شهر مان گهمايو ويندو هو. انهيءَ وچ ۾ دعائون گهريون ويندين هيون ته شل قوم جون سڀ برايون سندس مٿي تي اچي نازل ٿين. پوءِ ڪيس شهر کان باهر ڪڍيو ويندو هو يا وري شهر پناهه جي باهران ماڻهو ڪيس پٿر هڻي، هڻي، ماري ڇڏيندا هئا. اٽينس رياست جا باشندا متعدد نيچ ۽ بيڪار ماڻهن کي عوامي خرچ تي پالیندا هئا، ۽ جڏهن پليگ، خشڪ سالي يا ڏڪار جهڙي ڪا شامت شهر متان اچي نازل ٿيندي هئي، تڏهن اهي انهن ڏڪاريل ماڻهن مان ڪنهن چٽن کي صدقي جي ٻڪري طور قربان ڪندا هئا. صدقي جي انهن ماڻهن مان هڪ مردن لاءِ ته ٻيو عورتن لاءِ قربان ڪيو ويندو هو. اول الذڪر کي ڳچيءَ ۾ ڪارن، ۽ موخرالذڪر کي اڇن انجيرن جو هار وڌو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن، معلوم ٿئي ٿو ته عورتن جي طرفان جنهن کي قربان ڪيو ويندو هو، سا عورت هوندي هئي. ڪين شهر ۾ ڦيرايو ويندو هو ۽ پوءِ قربان ڪيو ويندو هو جنهن جو طريقو، معلوم ٿئي ٿو، ڪين شهر پناهه کان باهر سنگسار ڪري مارڻ جو هو. ۽ اهڙا صدقا فقط عام مصيبت جي غير معمولي موقعن لاءِ ئي محدود ڪونہ هوندا هئا، معلوم ٿئي ٿو ته هر سال، مئي مهيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٽارگيليا جي تقريب ٿي ۽ ماڻهن کي، جن ۾ ان هڪ سردن ۽ هڪ زالن لاءِ هوندو هو، اٽينس کان ٻاهر نيون ويندو هو، جتي کين سنگسار ڪري ماريو ويندو هو. ٽريس جي رياست ۾، ائڊيرا جي شهر کي هر سال ظاهر طور پاڻ کيو ويندو هو ۽ شهرين ۾ ان هڪ چٽي کي، جو انهيءَ مقصد لاءِ مخصوص هوندو هو، صدقي جي ٻکري، يا شهر جي باقي ٻين سڀني ماڻهن جي عيوض صدقي طور، سنگسار ڪري ماريو ويندو هو، سندس موت کان ڇهه ڏينهن اڳ کيس برادريءَ کان خارج کيو ويندو هو، "تہ جيئن فقط اهوئي سڀني ماڻهن جي گناهن جو بوجو پنهنجي مٿان کڻي".

"لورس ليب" نالي هڪ اڇيءَ ننڍيءَ ٽکريءَ تان، جا ليوکيڊيا پيٽ جي ڏاکڻيءَ پڇڙيءَ وٽ واقع هئي، مقامي باشندا هر سال هڪ ڏوهيءَ کي صدقي جي ٻکري طور سمنڊ ۾ اڇلائيندا هئا. پر سندس نزول کي هلکي ڪرڻ لاءِ، اهي کيس جيئرا ٻڌي ۽ ڪنپ ٻڌندا هئا ۽ هيٺ پاڻيءَ ۾ ننڍڙين ٻيڙين جو هڪ آرماڙ ان جي انتظار ۾ ترسيو ٻيٺو هوندو هو، تہ جيئن اهو منجهن اڇي ڪري ۽ اهي کيس سرحد پار پهچائين. ممڪن آهي تہ انسانيت پريون اهي حفاظتي تدبيرون، اڄ ڪلهہ ۽ ڪجهہ اوائلي زمانيِ جي ڪنهن اهڙي رسم کي نرم ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيون ويندیون هجن، جنهن مطابق صدقي جي ٻکري کي سمنڊ ۾ ٻڏي مرڻ لاءِ ڏکو ڏيئي اڇلايو ويندو هو. ليوکيڊيا واري اها رسم اٺولو ديوتا جي صدقي وقت ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن جو هڪ مندر يا آستانو انهيءَ جاءِ ٽي واقع هوندو هو. ٻين هنڌن تي سال بسال هڪ جوان مرد کي هن دعا سان سمنڊ ۾ اڇلائڻ جي رسم هئي تہ، "شل تون اسان جي گناهن صاف ڪرڻ وارو ٿئين". ائين سمجهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو تہ اها رسم ماڻهن کي انهن براين کان نجات ڏياري چڏيندي، جن جي اهي گهيري ۽ آيل هئا يا هڪ ٻئي ۽ ٽوري ۽ مختلف معنيٰ مطابق، انهي ۽ رسم ذريعي اهي سمنڊ جي ديوتا کي قرض ڏيئي، پاڻ کي آجو ڪري چڏيندا هئا. چهين صدي قبل مسيح واري زماني ۾ ايشيا مائينر جا يوناني جنهن نموني ۾ اها رسم ادا ڪندا هئا، تنهن موجب صدقي جي ٻکري جي رسم هن طرح هوندي هئي: جڏهن ڪو شهر پليگ، ڏڪار يا ٻي ۽ ڪنهن عام شامت جي چنبي ۾ اچي ويندو هو، تڏهن ڪنهن ٻڇڙي يا بدصورت ماڻهوءَ کي انهن سيني براين کي پنهنجي مٿان هموار ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويندو هو، جن ۾ سڄي قوم مبتلا هوندي هئي. ڪيس هڪ موزون جاءِ تي آندو ويندو هو، جتي سڪل انجير، جَوَ ن جو هڪ نان ۽ پنير سندس هٿ تي رکيا ويندا هئا. انهن کي هو ڪائي چڏيندو هو. پوءِ سندس مخصوص مردانہ عضون کي گل بنفشي جهڙي ٻوٽي جي ڪانڊين، جهنگلي انجير جي وڻ ۽ ٻن جهنگلي وڻن جي ٽارين سان ست دفعا ڏڪ هنيا ويندا هئا ۽ انهي ۽ دوران ۾ شرنائيون هڪ خاص سر وڄائيندڙ هيون. ان کان پوءِ ڪيس ٻاهر جي آڙاهه ۾ ساڙيو ويندو هو، جنهن ۾ ٻيلي جي وڻن جون ڪاٺيون استعمال ڪيون ويندڙ هيون. سندس رک سمنڊ ۾ اڇلائي ويندي هئي. معلوم ٿئي ٿو تہ ايشيائي يوناني ۽ ٽارگيليا جي لاباري واري ۽ تقريب وقت ساڳئي قسم جي هڪ رسم ملهائيندا هئا.

مٿي بيان ڪيل رسم ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهوءَ کي جهنگلي انجير وغيره جي ڪاڻين سان مار ڪڻ جو مقصد سندس تڪليفن ۾ اضافي آڻڻ جو هرگز ڪو نہ هوندو، نہ تہ ٻي ۽ صورت ۾ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مار کيڻ لاءِ کهڙي ۾ لٽ ڪافي ثابت ٿئي ها. انهيءَ رسم جي هن حصي جي اصلي معنيٰ ڊبليو- مٿهاروٽ هيٺن سمجهائي آهي. هو ٻڌائي ٿو ته قديم زماني جا ماڻهو گل ٻنفشي جهڙي هڪ ٻوٽي جي ڪانڊين ڏانهن ٻرن اثرن کي دفع ڪرڻ جي جادوئي طاقت منسوب ڪندا هئا، جنهن ڪري اهي انهن کي گهرن جي دروازن وٽ لٽڪائي چڏيندا هئا ۽ پاڪائيءَ جي سائن سوڻن ۾ ڪيس استعمال ڪندا هئا. چنانچ، آرڪيڊيا وارن وٽ "پئن" جي مجسمي کي اهڙين ڪانڊين سان هڪ تقريب وقت يا جڏهن ۾ شڪاري خالي هٿين واپس موٽندا هئا، مارڻ جي رسم جي معنيٰ ديوتا کي سزا ڏيڻ نه، پر ڪيس انهن نقصانڪار اثرن کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ هئي، جي ان کي پنهنجن ديوتائي فرضن جي ادائگيءَ کان روڪيندا هئا، جن موجب ڪيس شڪاريءَ کي شڪار مهيا ڪري ڏيڻو هو. ساڳيءَ طرح، انساني روپ واري صدقي جي ٻکري جي مردانہ عضون کي گل ٻنفشي جهڙين ڪانڊين وغيره سان ڏکن هڻڻ جو مقصد سندس پيدا واري قوتن کي ڪنهن ۾ رڪاوٽ يا جادوءَ جي اثر کان آزاد ڪرڻ جو هوندو، جنهن هيٺ ڪيس ڪنهن شيطاني يا ٻيءَ بد نيت هستيءَ رکيو هوندو، ۽ جيئن ته ٽارگيليا جي تقريب، جنهن تي صدقي جي ٻکري کي هر سال قربان ڪيو ويندو هو، لاباري جي اوائلي وقت ۾ مئي مهيني جي دوران ۾ ملهائي ويندي هئي، ان ڪري اسان کي ڪيس نباتات جي تخليقي ۽ آبادي جي ديوتا جو نمائندو سمجهڻ گهرجي. ديوتا جي نمائندي کي هر سال انهيءَ مقصد سان قتل ڪيو ويندو هو، جنهن ڏانهن مون اشارو ڪيو آهي، يعني ديوتا جي زندگيءَ کي ٻڌاپي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزوريءَ کان پاڪ ۽ بي داغ رکي، منجهس دائمي قوت قائم رکڻ لاءِ ۽ ڪيس قتل ڪرڻ کان اڳ، سندس پيداواري قوتن ۾ جوش پيدا ڪرڻ کي غير فطري فعل نه هو، ان لاءِ ته جيئن اها طاقت پوري جوپن ۾ سندس جانشين، نئين ديوتا يا پراڻي ديوتا جي نئين نمائندي ڏانهن منتقل ٿي وڃي، جنهن‌لاءِ ائين سمجهيو ويندو هو ته هو بنان ڪنهن شڪ جي قتل ٿيل ديوتا جي نمائندي جي جاءِ هڪدم اچي والاريندو هو، ساڳئي قسم جي دليل بازي ڪين صدقي جي پڪري سان خشڪ سالي‌ءَ يا قحط جهڙن خاص موقعن تي ساڳي ئي هلت ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي هوندي. جيڪڏهن فصل ڪاشتڪار جي اميدن مطابق نه ٿيندا هئا، ته انهيءَ نتيجي ڪي ديوتا جي پيداواري طاقتن جي ناڪاميابيءَ ڏانهن منسوب ڪيو ويندو هو، جنهن جو فرض زمين جي قلن قولن ڪي پيدا ڪرڻ جو هو. هن خيال جي پيدا ٿيڻ جو انديشو هو ته اهو جادوءَ جي ڪنهن ٽوٽي جي اثر هيٺ مجبور هو يا ته هو پوڙهو ۽ ڪمزور ٿي رهيو هو. چنانچ، ڪيس متي ذڪر ڪيل سيني سائن سوڻن سان، سندس نمائندي جي شخصيت ذريعي قتل ڪيو ويندو هو، ته جيئن هو وري نئين سر جنم وٺي، پنهنجيءَ جواني‌ءَ جو جوهر فطرت جي بيمثل طاقتن ۾ پري. انهيءَ ئي اصول تي اسين سمجهي سگهون ٿا ته چو ٽميوريس ويٽيوريس ڪي لئين سان ڪٽيو ويندو هو، چو، چائرونين رسم ۾ هڪ غلام کي "ائگنس ڪئسٽس" [اهڙو وڻ، جنهن ڏانهن جادوي خصلتون منسوب ڪيون ويندڙون هيون] جي لئين سان ماريو ويندو هو، چو "موت" جي مجسمي کي يورپ جي ڪن علائقن ۾ لئين ۽ پٽرن سان ڪٽيو ويندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڇو بابل ۾ ڏوهاريءَ کي، جو ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هو، صليب تي چاڙهي مارڻ کان اڳ، مارڪٽ ڪئي ويندي هئي، انهيءَ مارڪٽ جو مقصد، انهيءَ بدنصيب جي درد ۾ اضافي ڪرڻ جو نه، پر ان جي برعڪس اهڙن بدنيت ۽ نقصان ڪار اثرن کي، ڦچائي ڪيڏ جو هو، جيڪي شايد ان کي انهيءَ اعليٰ ترين گهڙيءَ ۾ ڇهڻيل هوندیون.

هن وقت تائين سون هيءَ گالهه تسليم ٿي ڪئي آهي ته ٽارگيليا جي تقريب وقت جن ماٿهن کي قربان ڪيو ويندو هو، سي نباتات جي روحن جي عام طور نمائندگي ڪندا هئا، پر ان باري ۾ مسٽر ڊبليو. آر. پٽن خوب چيو آهي ته اهي ويچارا بدنصيب خاص طور انجيرن جي وڻن جي روحن جو ڪردار ادا ڪندا هئا. هو پڌائي ٿو ته انجيرن کي غير قطري نموني پڇاڙ، جيئن ان کي سڏيو ويندو آهي، يعني انجير جي ٻوکيل وڻن جي ٽارين ۾ جهنگلي انجيرن جي ٽاهڻ لڳائڻ سان ڪين نقلي طرح پڇاڙ جو سلسلو يونان ۽ ايشيا مائينر ۾ جون مهيني ۾ شروع ڪيو ويندو آهي، جو ٽارگيليا جي تقريب گذرڻ کان هڪ مهيو بعد ۾ ايندو آهي، ۽ ان باري ۾ ستن مهيءَ راءِ آهي ته قرباني جي ٻن ماٿهن، جن مان هڪ مڙدن ۽ ٻيو زالن جي، نمائندگي ڪندو هو، جي ڳچين ۾ ڪارا ۽ اڇا انجير ٻڌل، نقلي طور انجيرن کي پڇاڙ واري سلسلي جو شايد سڏو سنئون نقل هجي، جنهن جو مقصد نقال جادوءَ جي اصول جي بنياد تي، انجيرن جي، وڻن کي پڇ ۾ ڏند ڪرڻ جو هوندو. جيئن ته انجيرن جي وڻن کي نقلي نموني ۾ پڇاڙ، درحقيقت انجير جي تر وڻ جي مادي ٻوٽ سان شادي آهي، ان ڪري مسٽر پٽن هيءَ به قياس آرائي ڪري ٿو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٹن جي محبت جو نقال جادوءَ جي ساڳئي اصول جي بنياد تي صدقي واري ماڻهن جي نقلي يا حقيقي شاديءَ ذريعي نقل ڪيو ويندو هو جن سان هڪ ڀرتم پيو ماڻي هوندو هو. انهيءَ نظريي جي بنياد تي قرباڻيءَ واري ماڻهن جي مخصوص عضون ڪي جهٽڪلي انجير جي وڻ جي ٻارين ۽ گل بنفشي جي ٻوٽي جي ڪانڊين سان ذڪر ۽ جادوءَ جو هڪ ٽوٽو هئي، جنهن جو مقصد مرد ۽ عورت جي جٽ واري قوتن ۾ جوش پيدا ڪرڻ هو. جي عارضي طور علي الترتيب انجير جي نر ۽ ماده وڻن جو ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ جي شاديءَ رسمي پنهنجي حقيقي يا نقلي وصل ذريعي وٹن کي قر جهلڻ ۾ مدد ڪندا هئا. [illegible]

صدقي واري ماڻهن کي ڪن خاص ٻوٽن جي ڪانڊين سان مار ڪيڻ جي رسم جو جيڪو مطلب سمجهيو ويندو آهي، تنهن جي پٺيان مشابهت رکندڙ مثالن ذريعي ڏيکاري ٿي رهي آهي. چنانچه، جرمن نيو گني جي "ڪائي" قبيلي واري ۽ جڏهن ڪوا ماڻهو پنهنجن ڪيلي جي وٹن کي جلد قردار بنائڻ جو خواهان هوندو آهي، تڏهن اهو کين ڪيوڙي جي اڇي ڪنهن وٹ سان روڊيل ليٽ سان مار ڪيندو آهي، جنهن ان کان اڳ ئي قر جهليو هوندو آهي. هن حالت ۾ ظاهر آهي ته ماڻهن جي اعتقاد موجب، قر جهلڻ جي طاقت قردار وٹ سان وڊيل ليٽ اندر سمايل رهي ٿي، جا ڪيوڙي جي ننڍن ٻوٹن سان توصل ذريعي منجهن منتقل ٿي وڃي ٿي. ساڳيءَ طرح نيو ڪليڊونيا ۾ ماڻهو پنهنجي "تارو" نالي ٻوٹي ڪي هڪ تاريءَ سان هلڪا ڏڪ هڻندو هيئن چوندو آهي ته "آءٌ هن 'تاروءَ' کي ماريان ٿو ته جيئن اهو

وڏي." آن کان پوءِ آهو آنهيءَ ٽاريءَ کي ٻنيءَ جي چيڙي وٽ زمين ۾ کوڙي چڏيندو آهي. اميزان درياه جي سنهن وٽ برازيل جي ڳاڙهن هندستانين ۾، جيڪڏهن کو ماڻهو پنهنجي مخصوص عضوي جي ڏيکڻ ۾ اضافو آڻڻ چاهيندو آهي، تہ اهو ان کي پائيءَ ۾ اڇلندڙ هڪ اڇي ٻيوي، "اِئنيگا" سان ڏکي هٿندو آهي. جو درياه جي ڪنارن تي جهجهو ٿيندو آهي. اهو ٻيوو، جو ڪائي لائق ڪونہ هوندو آهي، شڪل و صورت ۾ ڪيلي وانگر هوندو آهي ۽ ظاهر آهي تہ ان کي سندس اهڙيءَ صورت سبب ئي انهيءَ مقصد لاءِ منتخب ڪيو ويندو آهي. اهو ساڻ سنين ڇنڊڪان تي ڏينهن اڳي يا پوءِ ادا ڪرڻو پوندو آهي. هنگاريءَ ۾، بيڪس جي ضلعي ۾ سندي عورتن کي هڪ اهڙيءَ لٽ سان ڏکي هٽي سائو ڪيو ويندو آهي، جنهن کي پهريائين جنسي فعل ڪندڙ "ڪنڊيل" ڪٽن کي هڪٻئي کان جدا ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو ويو هوندو آهي. هٽي لٽ ۾ سائي ڪرڻ جي قوت موجود سمجهي وڃي ٿي، جا توصل ذريعي عورت ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿي. مرڪزي سيليبس جي ٽوراڏيا قبيلي وارا سمجهندا آهن تہ "دراڪائينا ٽرمينلس" ٻوٽي جو روح طاقتور هوندو آهي، جو تہ جڏهن کيس وڌيو ويندو آهي، تڏهن اهو وري جلد ئي اڀري ايندو آهي. چنانچہ، جڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿيندو آهي تڏهن سندس دوست ڪڏهن ڪڏهن سندس منڊي جي جوٽيءَ وٽ "دراڪائينا" ٻوٽي جي پنن سان ڏکي هٿندا آهن، تہ جيئن ٻوٽي جي طاقتور روح، جي ذريعي مريض جي کمزور روح کي طاقتور بڻايو وڃي.

اهي مشابهت رکندڙ مثال ان ڪري صدقو ٿيندڙ ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي يونانين جي ٽارگيليا واريءَ تقريب وقت ملندڙ مار جي انهيءَ معنيٰ جي پٽيرائي کن ٿا، جا سون ۾ پنهنجن پيشروئن، ڊيليو- مئنهادٽ ۽ مسٽر ڊبليو- آر- پٽٽن جو مثال ونندي، پيش ڪئي آهي. جيئن ته اها مار صدقي وارن ماڻهن جي مخصوص عضون کي- تازن ۽ ساون ٻوٽن ۽ ٽارين سان ڏني ويندي هئي، ان ڪري بلڪل فطرتي طور، ان جي هيءَ ئي سمجهاڻي ٿي سگهي ٿي ته انهن مردن يا عورتن ڏانهن يا ته ٻوٽن ۽ ٽارين جي آبادي جي طاقت کي منتقل ڪري يا کين خراب اثرن کان پاڪ ڪري- سندن پيدا واري قوتن کي وڌائڻ لاءِ اها جادوءَ جي هڪ ٽوٽي جو ڪم ڪندي هوندي، انهيءَ معنيٰ جي انهيءَ حقيقت سان تصديق ٿئي ٿي ته صدقي جا اهي ٻ ماڻهو ٻنهي جنسن جي نمائندگي ڪندا هئا، جن سان هڪ عام مردن ۽ ٻيو عورتن جو نمائندو هوندو هو. سال جي اها موسم، جڏهن اها رسم ادا ڪئي ويندي هئي، هن نظريي سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿي، ته انهيءَ رسم جي اهميت زرعي نوعيت جي هئي. ازانسواءِ، هن قياس لاءِ ته انهيءَ رسم جو مبول مقصد انجير جي وڻن کي آباد ڪرڻ جو هو، ڪارن ۽ اچن انجيرن جي انهن هارن سان ڪافي مضبوط ثابتي ملي ٿي، جي صدقو ٿيندڙ ماڻهن جي ڇڻين ۽ وڏا ويندا هئا ۽ ان سان گڏ انهن ماڻهن جي مخصوص عضون تي ڇهنگلي انجير جي وڻن جي ٽارين سان ڇيڪي ڏکا هٿيا ويندا هئا. سي ٻئي انهيءَ ئي حقيقت ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن، جو ته اهو دستور انهيءَ دستور سان قريبي مشابهت رکي ٿو، جنهن کان يوناني ملڪن جي قديم خواه جديد ڪاشتڪارن پنهنجي انجير جي وڻن کي درحقيقت سائي ۽ آباد ڪرڻ لاءِ هميشه ڪم ۾ ورتو آهي. جڏهن اسين هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گالهه ياد ڪريون ٿا ته کجور جي وڻن کي نقلي طرح آباد ۽ قردار ڪرڻ، نه فقط ڪاشتڪاريءَ ۾ پر سيسوپوٽيميا جي مذهب ۾ پڻ، کجوڙو نر اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، تڏهن هن ٻاري ۾ ڪنهن به شڪ ڪرڻ لاءِ ڪوبه سبب معلوم نه ٿو ٿئي ته انجير جي وڻ جي نقلي آبادي جي رسم، بلڪل ساڳيءَ طرح، يوناني مذهب جي سنجيده رسمن ۾ موزون جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو حق قائم ڪيو هجي.

جيڪڏهن اهي خيال صحيح واجبي آهن، ته پوءِ ظاهر ظهور آسان کي هيءَ فيصلو ڪرڻو ٿيو ٿو ته جيتوڻيڪ ٽارگيليا جي تقريب تي صدقي جا ماڻهو پوين ڏنڊ ڪٽائي دوران ۾ خاص طرح صدقي جي ٻکرن جو ڪردار ادا ڪندا هئا، جي سڃيءَ قوم جي گناهن، بديختين ۽ ڏکڻ کي ٻاڻ سان گڏ ڪڍي ويندا هئا، ته به امڪان آهي ته تاريخ جي ڪنهن اوائلي دور ۾ ڪين نباتات، شايد اناج، پر خاص طور انجير جي وڻ، جي شخصيتن جي حيثيت ۾ تصور ڪيو ويندو هو، ان کان علاوه، جيڪا ڪين مارڻي ويندي هئي ۽ جيڪو اهي موت مرندا هئا، تن جو مقصد نباتات جي قوتن ۾ جوش ۽ تازگي پيدا ڪرڻ جو هو، جا ان وقت يوناني اونهاري جي سخت گرميءَ ۾ ڪوبائيي رهندي هوندي.

يوناني صدقي جي ٻکري متعلق جيڪو نظريو هتي قائم ڪيو ويو آهي سو، جيڪڏهن صحيح آهي، ته پوءِ اهو هن ڪتاب جي ٻئي دليل خلاف هڪ اعتراض کي صاف ڪري ڇڏي ٿو، جو، ٻيءَ صورت ۾ شايد اڻاريو ويڃي ها، هن نظريي تي، ته اڙيشيا جي پوڃاريءَ کي هڙيءَ جي روح جي نمائندي طور قتل ڪيو ويندو هو، هيءَ اعتراض اڻاريو ويڃي ها ته اهڙيءَ رسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان مشابهت رکندڙ ٻيءَ ڪنهن ۾ رسم جو ڏنڊ ڪٽائن واري قديم زماني ۾ وجود ڪونہ هو. پر هن ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ لاءِ هينئر اهڙا شب ڏڻا ويا آهن، ته ايشيائي يوناني جنهن ماڻهوءَ کي گاهه گاهي ۽ مقرر وقتن کان پوءِ قربان ڪندا هئا، تنهن کي همیشه ئي نباتات جي ديوتا جي شخصيت سمجهيو ويندو هو. سيڪن آهي ته جن ماڻهن ڪي اڻيس رياست رواڻ صدقي لاءِ رکندا هئا، تن سان ۾ ساڳيو ئي ديوتائن وارو سلوڪ ڪيو ويندو هجي. انهيءَ ڳالهه کي ڪاب اهميت حاصل ڪانه هئي ته اهي هوو پرو سماجي طور تڙيل ماڻهو هئا. وحشي ماڻهوءَ جي نظريي مطابق، هڪ ماڻهوءَ کي سندس اعليٰ اخلاقي ڪردار يا سماجي اعليٰ درجي سبب ديوتا جي نمائندي يا سندس شخصيت جي نمائندي طور منتخب ڪونہ ڪيو ويندو آهي. ديوتائي جلوي جو چڱي ۽ بري، اعليٰ ۽ ادنيٰ تي هڪجهڙائي نزول ٿيندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ايشيا ۽ اڻيس جا مذهب يوناني لوڪ ماڻهن کي ديوتائن جو اوتار سمجهي همیشه صدقو ڪنداه هئا، ته پوءِ هيءَ قياس آرائي غيرامڪاني نہ ٿي معلوم ٿئي ته تاريخ جي ڪاڪ ڦٽن وقت نيم وحشي لاطيني اٽريشيا جي هڙيءَ ۾ ساڳئي قسم جي رسم ادا ڪندا هئا.

پر انهيءَ دليل کي زوردار بنائڻ لاءِ هيءَ ڳالهه ثابت ڪرڻ بهتر ٿيندي ته ديوتا جي انساني نمائندي کي قتل ڪرڻ جي رسم قديم الليءَ ۾ اٽريشيا جي هڙيءَ کان علاوه پين هنڌن تي به جاتل سجاتل هئي ۽ انهيءَ کي باقاعدہ طور ادا ڪيو ويندو هو. هينئر منهنجو ارادو آهي ته انهيءَ بابڙي ۾ ثابتي پيش ڪريان.

۳- *رومي سٽرنيليا :: اسان ڏٺو آهي ته گهٽيون قوسون

---

* سٽرن ديوتا جي رومي تقريب، جنهن ۾ نديءِ وڏي ۽ اوچ، نيچ، اعليٰ ۽ ادنيٰ جو سچو امتياز ختم ڪيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي جي سالياني عرضي کي ملهائڻ جون عادي رهيون آهن ، جڏهن قانون ۽ اخلاق جون عائد ڪيل دستوري رڪاوٽون هٽايون ويندیون آهن ، جڏهن سڄي قوم حد کان ٻاهر ڪل ، خوشي ۽ شادمانا ڪندي آهي ۽ جڏهن نفساني ۽ شيطاني خواهشن کي ڪليل آزادي ڏني ويندي آهي ، جن جي زندگيءَ جي زياده سڀجيده ۽ رواجي حالت ۾ شايد ڪڏهن به اجازت نه ڏني وڃي ، انساني فطرت جي انهن دبيل خواهشن جو اهڙيءَ طرح وقت ڪائي ٻاهر نڪرڻ ، جو ڏڙي گهٽ همیشه زناڪاريءَ ۽ شراب خوريءَ جي ٻيجا ۽ انتهائيءَ آزاد حد تائين اڇي پهچندو آهي ، گهٽو ڪري مال جي آخرين حصي ۾ وقوع پذير ٿيندو آهي ۽ اهڙا واقعا گهٽو ڪري ، جيئن سون کي هن کان اڳ ئي اظهار ڪرڻ جو موقعو ملیو آهي ، هڪ يا ٻيءَ زرعي موسم ، خاص طرح ٻج ڇڻ يا لاڻاڙي جي وقت سان وابستہ هوندا آهن ، هاڻي ، آزاديءَ جي انهن عرصن مان جيڪو سڀني کان زياده مشهور ۽ معروف آهي ۽ جنهن جديد زبان ۾ باقي بين اهڙن عرصن کي سندن نالو ڏنو آهي ، سو "سئرنيليا" آهي . اها مشهور تقريب ڊسمبر جي مهيني ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي ، جو زفي سال جو آخرين مهينو هوندو هو ۽ عام طرح سان ائين سمجهيو ويندو هو ته اها تقريب سئرن ، جو ان پوکن ۽ زراعت جو ديوتا هو ، جي خوشيءَ ۾ ڪري ڏور حڪومت جي ياد گار طور ملهائي ويندي هئي ۽ اهو ديوتا گهٽو زماني اڳ ائٽليءَ جو هڪ انصاف پسند ۽ رحمدل بادشاه ٿي گذريو آهي ، جنهن وحشي ۽ منتشر ٽيل قبيلن کي جبلن تي جمع ڪيو ، کين هر ڪيڙن هنيکاريو ، قانون ڏنا ۽ مٽن صلح سان حڪومت هلائي . سندس دور حڪومت ڏاڍ ڪٽائن وارو . "زرين زمانو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ زمين مان بي انداز اناج جي اپت ٿيندي هئي. خوشيءَ سان پريل هن دنيا ۾ جنگ و جدل يا فساد ۽ جهگڙي جو ڪوبہ آواز مخل ڪونہ ٿيندو هو: گنديءَ دولت جي نقصانڪار محبت اورچ ۽ قانع ڪاشتڪارن جي رت ۾ زهر جهڙو اثر پيدا ڪانہ ڪندي هئي. ڀانهپ ۽ خانگي ملڪيت نامعلوم هوندين هيون، سڀئي ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي سڀ شيون ڪائيندا ۽ ڪپائيندا هئا. آخرڪار، اهو نيڪ ديوتا ۽ رحمدل بادشاهہ اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي ويو، ۽ سندس ياد ڏورانهن زمانن تائين پيار سان تازي رکي ويئي، سندس اعزاز ۾ سندس ۽ مڙهيون تعمير ڪيون ويئون ۽ الليءَ جي گهٽين ٽڪرين ۽ اوچين جاين کي ان جي نالي سان سرفراز ڪيو ويو. ان جي باوجود، سندس دور حڪومت جي درخشان روايت، مان هڪ سياه پاڇو آڇلايو ويو: جيو وڃي ٿو تہ سندس قربان گاهہ ماڻهن جي قربانين سبب وهايل رت سان داغدار هئي، جن جي بجاءِ ڪنهن زياده رحمدل زماني ۾ مجسمن کي نعم البدل طور استعمال ڪيو وڃڻ لڳو. انهيءَ ديوتا جي مذهب جي اونداهي رخ بتعلق انهن بيانن ۾ تمام ٿورو اشارو ملي آهي يا ان جو بلڪل ڪوبہ نالو نشان نظر نہ ٿو اچي، جي قديم مصنفن "سٽرنيليا" جي باري ۾ پٽيان ڇڏيا آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ قديم زماني جي انهيءَ خوشيءَ واري هفتي جون محفلون، مجلسون ۽ نفساني خواهشن حاصل ڪرڻ پٽيان انڌا ڏنڊ ۽ مجنونانہ ڊڪ ڏوڙ، چند نمايان خصوصيتون هيون، جيئن اهو سترهينءَ ڪان ڏيويهين ڊسمبر تائين، پورن، متن ڏينهن لاءِ قديم روم جي گليءَ ڪوچن، عام چونڪن ۽ گهرن ۾ ملهايو ويندو هو. ۽ انهيءَ تقريب جي ڪا هيڪ خصوصيت آپتري قدر نمايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي. ڪنهن به ٻيءَ ڳالهه خود انهيءَ قديم دور جي ماڻهن ڪي ايتريقدر حيران نه ڪيو هو، جهڙو انهيءَ زماني جي غلامن ڪي سليل ڪليءَ آزاديءَ. آزاد ۽ ڪميني طبقي جي ماڻهن جي درميان جيڪو امتياز هوندو هو، سو عارضي طور ختم ڪيو ويندو هو. پانهون پنهنجي آقا کي پلي ٿا ٽڙيون ڏي ۽ طعنا تنڪا هڻي، پلي ٿا هو شراب پي پاڻ کي پنهنجن آقائن وانگر مدهوش ۽ مخمور ڪري، ساڻن گڏ ويهي هڪ دسترخوان تي کاڌو کائي، پر ڪيس اهڙيءَ هلت لاءِ عتاب جو هڪ اکر به نه چيو ويندو هو، جنهن لاءِ ڪيس ٻيءَ ڪنهن موسم ۾ شايد ڏُرن، قيد يا موت جي سزا ملي ها. نه نه، اڄا به ان کان زياده عجيب روش اختيار ڪئي ويندي هئي، جو آقائون پنهنجن پانهن سان جاڀون مٽائيندا هٿا ۽ کاڌي جي ميز تي سندن خدمت لاءِ با ادب ٿي بيهندا هٿا، ۽ جيسين پانهو پنهنجو کاڌو پيتو کائي بس نه ڪندو هو، تيسين ميز صاف ڪانه ڪئي ويندي هئي، ۽ مالڪ لاءِ کاڌو ڪونه رکيو ويندو هو. سماجي طبقن کي ايتري قدر ته اونڌو ۽ ابتو ڪيو ويندو هو، جو هر هڪ گهر ان وقت عارضي طور هڪ نقلي جمهوريه ٿي پوندو هو، جنهن ۾ حڪومت جي سيني اعليٰ عهدن تي غلام فائز ڪيا ويندا هٿا، جي انهن جا فرض ادا ڪندا هٿا، حڪم احڪام جاري ڪندا هٿا ۽ قانون مرتب ڪندا هٿا، جڏ ته ڪين درحقيقت قونصل، مئجسٽريٽ ۽ منصف جو شان و شوڪت عطا ڪيو ويو هو. سئنيٽيليا جي تقريب تي پانهن کي جيڪو اقتدار اهڙيءَ طرح منتقل ڪري ڏنو ويندو هو، تنهن جو هڪ هلڪو شعاع اها نقلي بادشاهي هوندي هئي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ساڳيءَ ئي موسم ۾ آزاد شهري پُڪا وجهندا هٿا، جنهن ماڻهوءَ جي ٽالي پُڪو نڪرندو هو، تنهن کي بادشاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خطاب ملندو هو ۽ اهو پنهنجيءَ عارضي رعيت لاءِ مذاقيه ۽ کل جهڙا حڪم جاري ڪندو هو. پنهنجيءَ رعايا مان هڪ چٽي ڪي شراب ملائڻ، ٻئي کي پيئڻ، ٽئين کي ڳائڻ، چوٿين کي نچڻ پنجين کي پنهنجيءَ گلا ڪرڻ ۽ وري ڪنهن ٻئي کي بنسريءَ وڄائڻ واريءَ چوڪريءَ کي ڪلهي تي کڻي گهر جي چوڏاري چڪر هڻڻ لاءِ حڪم ڏيندو هو.

هاڻي، جڏهن اسين هيءَ ڳالهه ياد ڪريون ٿا ته انهيءَ خوشيءَ جي موسم ۾ پانهن کي جيڪا عام آزادي بخشي ويندي هئي، تنهن کي سٽرن جي دور حڪومت ۾ معاشري جي حالت جو نقل سمجهيو ويندو هو ۽ سٽرنيليا جي تقريب کي عام طرح انهيءَ مزيدار حاڪم جي دور جو دوباره زنده ٿيڻ ۽ وجود ۾ اچڻ سمجهيو ويندو هو، تڏهن اسان کي هن فيصلي ڪرڻ لاءِ آماده ٿيڻو پوي ٿو ته جيڪو مصنوعي بادشاه خوشيءَ جي انهن موقعن تي صدارت جا فرائض سر انجام ڪندو هو، سو خود سٽرن جو نمائندو هوندو هو. مڪسيمين ۽ سينٽ ڊيڊوڪايشين جي حڪومتن جي دوران ۾ اهي رومي سپاهي، جيڪي ڊئنيوب درياه تي متعين هوندا هئا، جنهن طريقي سان سٽرنيليا جي تقريب ملهائيندا هئا، تنهن جي هڪ عجيب و غريب ۽ مزيدار بيان مان انهيءَ قياس جي متعلق جيڪڏهن ڪا پڪي ثابتي نه ٿي ملي، ته به ان جي صداقت متعلق پڪي خاطري ٿئي ٿي. اهو بيان سينٽ داسيس جي شهادت جي هڪ ڳالهه ۾ محفوظ ٿيل آهي، جنهن کي فرينچ لٽيرريءَ ۾ رکيل هڪ يوناني مسودي مان ڳولي ڪڍيو ويو هو ۽ جنهن کي پروفيسر فرئنزڪيومانٽ آف گهينٽ شايع ڪيو هو. انهيءَ واقعي ۽ رسم جا به زياده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر بيان سلان ۾ برلن ۾ رکيل مسودن ۾ موجود آهن، انهن بيانن مان هڪ کي، سنہ ۱۷۲۷ع ۾ اربينو ۾ چپايل هڪ گمنام ۽ نامعلوم ڪتاب ۾ ڏينهن جي روشني ڏسڻ اڳيئي نصيب ٿي چڪي هئي، پر معلوم ٿئي ٿو ته روسي مذهب جي قديم خواه جديد تاريخ سان ان جي تعلق کي ان وقت تائين نظر انداز ڪيو ويو هو، جيسين پروفيسر ڪيوبانٽ ڪجهه سال اڳ انهن ٽنهي ڳالهين کي هڪ ئي وقت گڏي شايع ڪري، عالمن جو ڌيان انهن ڏانهن مبذول ڪيو. انهن بيانن مطابق، جي صدقو معلوم ٿين ٿا ۽ جن مان سيني کان زياده طويل بيان سرڪاري دستاويزن تي مبني آهي، لوئر سوئيسيا ۾، ڊروسنورم وٽ متعين روسي سپاهي هر سال سٽرنيليا جي تقريب هن طرح ملهائيندا هئا. تقريب کان ٽيهه ڏينهن اڳ، اهي پُڪن ذريعي پاڻ منجهان هڪ نوجوان ۽ خوبصورت ساڻهوءَ جو انتخاب ڪندا هئا، جنهن کي سٽرن سان مشابهت ڏيڻ لاءِ شاهي لباس پهرائيندا هئا. اهڙيءَ طرح سان ٿهي ۽ سينگارجي، سپاهين جي هڪ وڏي هجوم جي پيشوائيءَ ۾، هو عام ساڻهن ۾ وڃي ملندو هو ۽ ان وقت کيس پنهنجين نفساني خواهشن کي راضي ڪرڻ ۽ هر قسم جي موج ۽ مزي مان، خواه اهو کيتريقدر بي ذليل ۽ شرمناڪ چونہ هجي، لطف اندوز ٿيڻ جي عام اجازت هوندي هئي. پر، هڪ طرف جيڪڏهن سندس دور حڪومت مزيدار هوندو هو، تہ ٻئي طرف وري اهو تمام ٿورو، ۽ ان جو انجام افسوسناڪ هوندو هو، چو تہ جڏهن ٽيهه ڏينهن پورا ٿيندا هئا ۽ تقريب جو وقت قريب اچي پهچندو هو، تڏهن هو جنهن ديوتا جو نقل ڪندو هو، تنهنجي قربانگاه تي کيس پنهنجو گلو پاڻ وڍڻو پوندو هو. سنہ ۳۰۳ع ۾ ڊاسيس نالي هڪ مسيحي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپاهيءَ جي نالي اهو پکو نڪتو، پر هن بت پرستن جي انهيءَ ديوتا جي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ پنهنجي زندگيءَ جا آخرين ڏينهن شرابخوريءَ ۽ زناڪاريءَ جي گناهن سان ناپاڪ ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. سندس اعليٰ آفيسر، باسس، جون ڏمڪيون ۽ دليل هن جي ثابت قدميءَ ۾ لغزش پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا، جنهنڪري کيس قتل ڪيو ويو، جيئن شهيدن جي زندگين جي حالات قلمبند ڪندڙ هڪ مسيحي مصنف انتهائي باريڪيءَ سان ٻڌايو آهي ته ڊروسٽورم وٽ، جان نالي هڪ سپاهيءَ جمعي ڏينهن، نومبر مهيني جي ويهين ڏينهن تي، جو چنڊ جو چوويهون ڏينهن هو، جوڻين ڪلاڪ وقت هن جو سر قلم ڪيو هو.

جڏهن کان وٽي پروفيسر ڪيومانٽ اها ڳالهه شايع ڪئي، تڏهن کان وٽي ان جي تاريخي نوعيت کي، جنهن جي متعلق کي شڪ شبها اڀاريا ويا هئا ۽ جنهن جي صداقت کان ڪن حالتن ۾ انڪار ڪيو ويو هو، هڪ دلچسپ کوجنا مان زبردست پنيرائي حاصل ٿي آهي. اڻڪونا نالي هڪ ٽڪريءَ جي جوڙيءَ تي جيڪا ديول ٻڌل آهي، تنهنجي زير زمين قبرستان ۾، ٻين عجيب و غريب قديم شين سان گڏ، سفيد سنگ مرمر جي هڪ مقدس تختي محفوظ ڪيل آهي، جنهن تي شهنشاه جسٽينين جي دور حڪومت جي يوناني اکرن ۾ هيٺين تحرير ٽيل آهي: هن جاءِ تي ڊاسيس شهيد مدفون آهي، جنهن جو لاش ڊروسٽورم مان هت آندو ويو هو." اها تختي، جا اتي جي سرن جي وچ ۾ هنيل آهي، ديولجي زير زمين قبرستان ڏانهن سنہ ۱۸۴۸ع ۾ "سٽن پيليگرسو" جي ديول مان منتقل ڪئي ويئي هئي، جنهن جي اوچي قربانگاه هيٺان، جيئن اسان کي هڪ لاطيني تحرير مان پتو پوي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ شهيد جا هڏا ۽ ٻين بزرگن جي هڏن سان گڏ اڃا تائين دفن آهن. اها تختي "سئن پيليگرسو" جي ديول ۾ ڪيتري زماني تائين محفوظ رکيل هئي، تنهن جو اسان کي ڪو به علم ڪونهي، پر تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنہ ۱۶۵۰ع ۾ اها اتي رکيل هئي. هيءَ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته انهيءَ بزرگ جا هڏا سندس شهادت کان بعد جي افراتفريءَ وارين صدين جي دوران ۾، جڏهن سوئيسيا تي هڪٻئي پٺيان مختلف وحشي حملہ آورن جي فوجن حملا ڪري، ان کي تباه و برباد ڪيو، سلامتيءَ جي لحاظ کان ائنڪو ڊانهن منتقل ڪيا ويا هئا. بهرحالت، شهيدن جي حالات زندگي ۽ يادگارن جي آزاد ۽ هڪٻئي جي تصديق ڪندڙ شاهدين مان خاطريءَ سان معلوم ٿي رهيو آهي ته ڊاسيس کو ڏنڊ ڪتائي بزرگ نہ، پر هڪ حقيقي انسان هو، جنهن کي پنهنجي اعتقاد سبب ڊروسٽورم وٽ، عيسائي سن جي اوائلي صدين مان ڪنهن هڪ ۾ موت جو منهن ڏسڻو پيو هو. شهيدن جي حالات زندگيءَ جي بي نام مصنف جي ڳالهہ کي، منجهس ڄاڻايل هڪ ٻئي حقيقت، يعني سينٽ ڊاسيس جي شهادت ۾ اهڙيءَ طرح سچو ثابت ٿيل ڏسندي، اسان کي بلڪل معقول طرح انهيءَ شهادت جي طريقي ۽ سبب متعلق سندس ڏنل بيان کي، خاص طور هن سبب ڪري اڃا به زياده خاطريءَ سان تسليم ڪرڻو پوي ٿو، جو ته هن جو بيان باريڪ، واقعن مطابق ۽ ڪرامتي جز کان بلڪل مبرا آهي. چنانچہ، منهنجو فيصلو آهي ته رومي سپاهي جنهن طريقي سان سئنٽرنيليا جي تقريب ملهائيندا هئا، تنهن جي متعلق هن جو ڏنل بيان ۽ معتبر آهي.

اهو بيان "سئنٽرنيليا جي بادشاهہ"، قديم زماني جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بد انتظامي" جي آقا" جي عهدي کي، جو هوريس ۽ ٽئسٽيس جي زماني ۾ روم وارن جي شادمانن تي صدارت ڪندو هو، هڪ نئين ۽ انتهائي رنگين روشني ۾ پيش ڪري ٿو. ان سان ثابت ٿي رهيو آهي ته سندس ڪم هميشه لاءِ محض هڪ پهروپي يا مسخري جو ڪوٺ هو، جنهن کي فقط هن ڳالهه جو فڪر ڪرڻو هو ته جڏهن آتش دان ۾ باهه جا شعلا ڪڙڪيدار آواز سان ٻرن، جڏهن شهر جون گهٽيون خوشي ملهائيندڙ ماڻهن سان پريون پئون هجن، ۽ پاري جهڙي" ٺڏي" ۽ ضاف و شفاف هوا وڃان، دور شمال طرف، سوريڪٽي جبل پنهنجي برفاني تاج جي نمائش ڪري رهيو هجي، تڏهن ماڻهن جي خوشي پنهنجي انتهائي عروج کي وڃي پهچي ۽ ڪل، چرچي ۽ مسخري" ۾ تيزي" سان اضافو ٿيندو رهي ۽ هر طرف جوش و خروش وڌندو رهي- جڏهن اسين هن رنگين ۽ تهذيب يافته دارالحڪومت جي مسخري حاڪم جي ڊئنيوب درياه تي ڪوڙيل چانوٽي" واري گنبير ۽ ظالم نعم‌البدل سان مشابهت ڪريون ٿا، جڏهن اسين ساڳي" نوعيت جي ماڻهن جي انهي" ڊگهي" قطار کي ياد ڪريون ٿا، جا ڪل جهڙي هڙ جي باوجود، افسوسناڪ به هئي، جن پين زمانن ۽ پين ملڪن ۾، مٿن تي مصنوعي تاج رکي ۽ اقتدار جي علامتي ڏنڊن جي تصويرن وارا ڪارا جبا پهري، چند مختصر گهڙين يا ڏينهن لاءِ پنهنجون نئيڙيون حرڪتون ڪيون ۽ جي ٻوءِ پنهنجي وقت کان اڳ قتل ڪيا ويا، تڏهن اسين هن باري ۾ مشڪل سان ڪوشڪ آڏي سگهون ٿا ته روم جي "سٽرنيليا واري بادشاهه" ۾، جئين ته قديم زماني جي مصنفن ٻڌايو آهي، اسان کي انهي" اصل جو محض هڪ ڪمزور ۽ نهل نقل نظر اچي ٿو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مضبوط صورت کي اسان لاءِ "سينٽ داسيس جي شهادت" جو نا معلوم مصنف خوش قسمتيءَ سان محفوظ ڪري ويو آهي. هن لفظن ۾ هيئن کٽي ڇڄجي تہ شهيدن جي حالات قلمبند ڪرڻ واري مصنف طرفان سٽرنيليا جو ڏنل بيان، هن هنڌن جي ساڳين تقريبن جي بيانن سان، جي گهٽو ڪري ڪيس معلوم ڪونہ هوندیون، ايتري قدر قريبي طور ٺهڪي اچي ٿو، جو سندس بيان کي ڪافي حد تائين حقيقت تسليم ڪرڻ گهرجي؛ ۽ ان کان علاوہ، جيئن تہ مصنوعي بادشاہ کي ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾ قتل ڪرڻ جي رسم، ڪيس خوشيءَ جي ڏڻ وارن شادمانن مٿان صدارت ڪرڻ جي رواج مان جنم ڪونہ ورتو هوندو، حالانڪ ان جي بلڪل برعڪس شايد ٿيو ہ هوندو، ان صورت ۾ اسين هن قياس ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿيندا سون تہ اڄا ہ ڪنهن اوائلي ۽ وحشي دور ۾ قديم اڻليءَ ۾، جتي ہ سٽرن جي پوڄا عام هئي، هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي چونڊڻ جي عام رسم هئي، جو هڪ موسم لاءِ سٽرن جو ڪردار ادا ڪندو هو ۽ سندس سيٽي روايتي رعايتون ماڻيندو هو، ۽ ان کان پوءِ پنهنجي يا پرائي هٿان، چاقوءَ يا باهہ سان يا قاسيءَ جي وڻ تي، انهيءَ نيڪ ديوتا جي ڪردار ۾، جنهن هن دنيا جي پلائيءَ خاطر پنهنجي جان ڏني هئي، قتل ٿي ويندو هو. خود روم ۽ بين وڏن شهرن ۾ تهذيب جي واڌاري انهيءَ ظالمانہ رسم کي شايد آگسٽس جي زماني کان گهٽو اڳ هڪ نرم صورت بخشي چڏي هئي، ۽ ڪيس انهيءَ معصومانہ صورت ۾ ڦيرائي چڏيو هو، جا اها ڏند ڪٿائن واري دور جي اهڙن ٿورن مصنفن جي تحريرن ۾ پيش ڪري رهي آهي، جن سٽرنيليا جي تقريبي "بادشاہ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثان هڪ مختصر نظر مس وڏي هئي. پر ممڪن آهي ته ملڪ جي اندروني ۽ دور دراز ضلعن ۾ انهيءَ رسم پنهنجي زياده قديم ۽ سخت صورت گهڻي وقت تائين قائم رکي هجي، ۽ جيتوڻيڪ الليءَ جي اتحاد کان پوءِ، روسي حڪومت انهيءَ وحشيانه رسم کي دٻايو، ان هوندي به هن ڳالهه جو امڪان آهي ته ان جي ياد ڪاشتڪارن طرفان پشت بپشت ورثي ۾ ملندي آئي ۽ انهيءَ ياد گيريءَ خاص طرح سلطنت جي دور دراز پسگرداين وٽ متعين سخت مزاج فوج ۾، جنهن جي مثان روم جي ڪنهن زماني واري فولادي چنبي، پنهنجي گرفت ڍلي ڪرڻ شروع ڪئي هئي، ساڳيءَ رسم جي وقت بوقت دوباره جنم ونڊي ظاهر ٿيڻ جو امڪان پيدا ڪيو، جيئن اسان ۾ ۽ وهم پرستيءَ جي انتهائي پست حالتن ۾ اڃا تائين ٿيندو آيو آهي.

قديم الليءَ جي سٽرنيليا ۽ جديد الليءَ جي ڪارنيوال جي درميان جيڪا مشابهت آهي، تنهن ڏانهن گهٽو ڪري توجه ڇڪايو ويو آهي، پر انهن سيني حقيقتن جي روشنيءَ ۾، جي اسان جي روبرو پيش ٿي چڪيون آهن، اسين هن سوال پڇڻ ۾ حق بجانب ٿيندا سون ته ڇا، اها بادشاهت شناخت جي مترادف ناهي. اسان ڏٺو آهي ته الليءَ، اسپين ۽ فرانس ۾، جتي روم جو اثر انتهائي گهرو ۽ پائدار ٿيو آهي، ڪارنيوال جي هڪ خصوصيت هڪ ٽلهو پيٽوڙي مجسمو هوندو آهي، جو خوشيءَ جي موسم جي زنده صورت هوندو آهي، جنهن کي شان و شوڪت ۽ عياشيءَ جي ٽوريءَ حياتيءَ مائڻ ڪان پوءِ عام ماڻهن جي وچ ۾، سندن مصنوعي غم يا حقيقي خوشيءَ جي درميان گوليءَ سان ماريو، ساڙيو يا ٻڏي ڪنهن ڏنگ سان ناس ڪيو ويندو آهي. ڪارنيوال جي متعلق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت جيڪا راءِ پيش ڪئي ويئي آهي، سا جيڪڏهن صحيح آهي تہ پوءِ اها بدصورت شخصيت، قدير زماني جي "سٽرنيليا جي بادشاهہ"، خوشي ملهائيندڙن جي آڏا ۽ سٽرن جي ڪردار ادا ڪندڙ حقيقي ماڻهوءَ جي سڏي سنئين جانشين کان علاوه جنهن کي، خوشين ۽ شادمانن جي ختم ٿيڻ بعد سندس اختيار ڪيل روپ ۾ سچ پچ قتل ڪيو ويندو هو، پيو ڪوبہ ناهي. "ٻارهينءَ رات" تي "ڦريءَ" جو "بادشاهہ" ۽ وچين صدين واروبہ "بيوقوفن جو بشپ" "نامعقوليت جو اڀٽ" يا "بدنظميءَ جو آقا" ساڳيءَ نوعيت واريون هستيون آهن ۽ انهن جو بنياد بہ شايد ساڳيو ئي هجي. اها ڳالهہ ائين هٿي يا نہ، بهرصورت اسين امڪان جي ڪافي حد تائين هيءَ فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ جيڪڏهن ائريشيا ۾ "پيلي جو بادشاهہ" پياڻي جي هڪ ديوتا جي نمائندي جي حيثيت ۾ رهندو ۽ مرندو هو، تہ قديم زماني ۾ ساڻس مشابهت رکندڙ اهڙا ماڻهو بہ روم ۾ هوندا هٿا، جن کي سال ۾سال "سٽرن بادشاهہ" جي ڪردار ۾، جو پوڪيل ۽ ڦٽندڙ ان جو ديوتا هو، قتل ڪيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اٺاهنون

ميڪسيڪو ۾ ديوتا کي قتل ڪرڻ

ديوتا جي انساني نمائندي کي قتل ڪرڻ جي رسم ايتريقدر عام طور سان پڻ ڪنهن به قوم ۾ شايد اهڙي سنجيدگي سان ادا ڪئي ويندي هئي، جهڙي قديم ميڪسيڪو جي ازٽيڪ قوم ۾. انهن عجيب و غريب قربانين جي سالن سوڌن سان اسين بلڪل چگي طرح واقف آهيون، ڇو ته انهن کي هسپانوي فاتحن، جن سورهين صديءَ ۾ ميڪسيڪو فتح ڪيو هو، مڪمل طور بيان ڪيو آهي. هن دور دراز ملڪ ۾ سندن ڪئي ڪيلسا جي ستي، رسمن سان هڪ وحشي، ظالمانه مذهب ۽ مشابهت جي مختلف، عجيب نقطن هڪ سبب سندن حيرت جي انتها نه رهي. ان کي معلوم ڪرڻ لاءِ سندن دلچسپي وڌي. جيسوٽ انڪاسٽا چوي ٿو ته، "اهي هڪ اهڙي مائهوءَ کي گرفتار ڪندا هئا، جنهن کي اهي ڇگو سمجهندا هئا. ڪيس پنهنجن پتن اڳيان صدقي ڪرڻ کان اڳ، انهيءَ بت جو نالو ڏيندا هئا، جنهن جي حضور ۾ ان کي قربان ڪرڻو هوندو هين. ڪيس انهيءَ بت جهڙو لباس، زيور پهرائيندا هئا، ڇو ته اهي چوندا هئا ته هو انهيءَ بت جو نمائندو آهي. جيتري عرصي تائين سندس اها نمائندگي هلندي هئي، جا ڪن تقريبن ۾ هڪ سال تائين، پين ۾ ڇهن مهينن تائين، اڇا ڪن پين ۾ ان کان به گهٽ عرصي تائين هلندي هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سندس اهڙو ئي احترام ۽ اهڙي ئي پوجا ڪندا هئا، جهڙي انهيءَ بت جي، انهيءَ وچ ۾ هو خوب ڪائيندو، پيئندو ۽ موج مزا ڪندو هو. جڏهن اهو باهر گهٽين ۾ ويندو هو، تڏهن ماڻهو گهرن کان باهر اچي سندس پوجا ڪندا هئا ۽ هرهڪ جڏو ٻارن ۽ بيمارن کي ساڻ ونڊي کيس کجهه خيرات ڏيندو هو، تہ جئين اهو کين شفايابُ ڪري ۽ دعا ڏئي. کيس سڀ کان پهتچي خوشيءَ ۽ برڪتيءَ مطابق ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي، فقط سائنس ڏهڻ يا ٻارنهن ماڻهو گڏ هلندا هئا، تہ مٿان هو هزار ٽي وڌيڪ. جڏهن محفل مٿان ايجي پهچندي هئي ۽ هو خوب ڏٺو متارو ٽي ويندو هو، تڏهن اهي کيس قتل ڪندا هئا. سندس جسم ڪوليندا هئا، ان کي کائيندا هئا ۽ سنجيدگيءَ سان قرباني ڏيندا هئا.*

انهي رسم جي هن عام بيان کي هيٺر خاص مثالن ذريعي واضح ڪرڻ ضروري آهي. جنانچہ ميڪسيڪو واري جي سال جي وڏي ۾ وڏي تقريب تي، جنهن کي "تاڪئل ڪئلل" چوندا هئا، هڪ نوجوان ماڻهوءَ کي سال ۾ "ٽيزڪئٽليپوڪا" يعني "ديوتائن جي ديوتا" جي حيثيت ۾، اهڙيءَ طرح ڪارائي پيئاري ۽ سٺي پوڄا ڪري، جهڙيءَ طرح خود ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي، قربان ڪيو ويندو هو. هڪ قديم فرئنسيسڪن پادريءَ ساهاگن، جي قول مطابق، جو آئزٽيڪ مذهب متعلق راڄاڻ جي بهترين اختياري آهي، انسان ديوتا جي اها قرباني ايسٽر تي يا ان کان پوءِ ڏينهن ٻوءِ ڪئي ويندي هئي، جنهن کري جيڪڏهن آڇ ۾ ٻاري ۾ صحيح آهيان، اها تقريب پنهنجيءَ نوعيت خواه تاريخ ۾ "نجات ڏيارينڙ" جي موت ۽ ٻيهر

* حضرت يسوع مسيح.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده ٿيڻ جي مسيحي تقريب سان لهڪي اچي ٿي. زياده پوريءَ طرح ۽ باريڪيءَ سان هو بڌائي ٿو ته اها قرباني پنجين ازٽيڪ مهيني جي پهرين ڏينهن تي ڪئي ويندي هئي، "جو سنڌس راءِ موجب اپريل مهيني جي ٽيونهين يا چوڏهين تاريخ تي شروع ٿيندو هو.

انهيءَ تقريب تي اهو عظيم ديوتا هڪ ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ مرندو هو ۽ هڪ ٻئي ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ دوباره زنده ٿيندو هو، جنهن کي هڪ سال لاءِ ديوتا هڻڻ جو موقعو اعزاز ماڻيو هوندو هو ۽ ان کان پوءِ پنهنجن سڀني پيشروئن وانگر، قتل ٿيڻو پوندو هو. انهيءَ جوان مرد کي هن اعليٰ درجي لاءِ قيدين مان جهڙ سنڌس شخصي خوبصورتيءَ جي بنياد تي منتخب ڪيو ويندو هو. ڪنهن به عيب بدن واري کي يا وانگر سنهو ٿيڻ وانگر سڌو سنئون نه ٿيڻ يا ڪنهو ۽ نه تمام ٿلهو هڻڻ گهربو هو. جيڪڏهن عياشيءَ سان رهڻ سبب، هو تمام گهڻو ٿلهو ٿي ويندو هو، تہ کيس لوڻ جو پاڻي پي، سنهو ٿيڻو پوندو هو، تہ جيئن هو پنهنجي اعليٰ عهدي جي لائق ۽ موزون نزاڪت ۽ شان و شوڪت واري هلت چلت ڪري سگهي. هن کي خبرداريءَ سان تربيت ڏني ويندي هئي، تہ جيئن هو پهرئين درجي جي هڪ شريف انسان وانگر اٿي ۽ ويهي سگهي، صحيح ۽ سهڻي زبان ڳالهائي سگهي، ناسري وڄائي سگهي، چوٽ کيڏي سگهي ۽ نوابن وانگر گل سنگهي سگهي. کيس عزت سان مندر ۾ رهايو ويندو هو، جتي امير ماڻهو سنڌس خدمت تي مامور هوندا هئا. سنڌس اڳيان تواضع ڪندا هئا. کيس گوشت آڻي ڏيندا هئا ۽ هڪ شهزادي وانگر سنڌس خدمت ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، خود بادشاه انهيءَ ڳالهه جو خيال رکندو هو ته هو پيڪيدار ڪپڙن ۾ ملبوس رهي، "جو ته اڳ ۾ ئي هو ڪيس، هڪ ديوتا سمجهندو هو." سندس متي تي عقاب جا نرم ڪنب چنڙايا ويندا هئا ۽ سندس وارن ۾ اڇي ڪُڪڙ جا ڪنب هنيا ويندا هئا، جي ان جي ڪمر پٽي تائين لٽڪندا هئا. هاڻ تي پڪل ڪائيءَ جي داڻن جهڙن ڳلن جو هڪ هار سندس پرون نڪان تائين وانگر پڌل رهندو هو. ساڳين ڳلن جو هار سندس ڪلهن تان ڦري، بغلن هيٺان هليو ويندو هو. سونا زيور سندس ٻئي ڪن ۾ لٽڪندا رهندا هئا ۽ سونا ڪيترن سندس ٻانهن جو سينگار هوندا هئا ۽ هن جي هر قدم تي سندس ڳچيءَ ۾ سونيون گهنڊ ٽيون وڄندا هيون. قيمتي پٿرن جا ايرينگ سندس ڪن ۾ لڏندا رهندا هئا ۽ سندس هٿن جون ڪرايون قيمتي پٿرن سان سينگاريل رهنديون هيون. کوڏين جا هار سندس ڪچيءَ جي چوگرد ويڙهيل هوندا هئا. جي ان جي ڄاڻيءَ تي ڪريا پيا هوندا هئا. ڪيس جاريءَ جو چوٻو پيل هوندو هو ۽ سندس ڪمر جي چوڌاري هڪ قيمتي ڪپڙو ويڙهيل هوندو هو. جڏهن هيرن جواهرن سان سينگاريل هي لاڃاڻي انسان گهٽين مان تبسري وڃائيندو، چروٽ ڇڪيندو ۽ گلدستو سنگهيندو ڇهل قدمي ڪندو هو، تڏهن جن ماڻهن سان هو ملندو هو، سي هن جي آڏو پاڻ کي زمين تي ڪٽي اڇلائيندا هئا ۽ ڏڏن ساهن ۽ لڙکن سان ڪانئس دعائون گهرندا هئا ۽ پنهنجي انتهائي خاڪساريءَ ۽ نيازمنديءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ سندس پيرن هيٺان پيل متي هٿن ۾ ڪٽي وات ۾ وجهندا هئا. زالون پنهنجن پارن کي پانهن ۾ ڪٽي سندس آڏو پيش ڪنديون هيون ۽ ڪيس هڪ ديوتا وانگر سلام ڪنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، جو تہ "هن کي اسان جو آقا خدا" سمجهيو ويندو هو، ماڻهو کيس "خدا" ڪري تسليم ڪندا هئا. هو سڀني اهڙن ماڻهن سان جي اهڙيءَ طرح رستي ويندي سندس پوڄا ڪندا هئا، سنجيدگيءَ ۽ نهٺائيءَ سان سلام ڪندو هو. هن کي فرار ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ، هو جيڏانهن ٻ ويندو هو، تيڏانهن شاهي وردي ۾ ملبوس اٺ محافظ سندس پٺيان ويندا هئا، جن سان چڻ چڻ جو مٿو مڇرات جي غلامن وانگر ڪوڙيل هوندو هو. چڻ کي جنگي جوڌن وانگر ڊگهيون زلفون هونديون هيون. جيڪڏهن هو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو، تہ محافظن جي سردار کي ان جي بجاءِ ديوتا جي نمائندي جي جاءِ والارڻي پوندي هئي. ان جي بدران کيس ئي مڙهو پوندو هو. موت کان ويهہ ڏينهن اڳ، سندس لباس تبديل ڪيو ويندو هو. کيس ناز و نعمت ۽ نزاڪت سان پالي چار ڪنوارين چوڪريون، جن کي چڻ ديوين ـ "ڳڻ جي ديوي"، "ڪڇڙي مڪائيءَ جي ديوي"، "پاڻيءَ اندر اسان جي ماءُ" ۽ "لوڻ جي ديوي" جا نالا ڏنل هوندا هئا، ڏينهون ويندين هيون، جن سان، هو هم صحبت ٿيندو هو. آخرين پنجن ڏينهن جي دوران ۾ قربان ٿيندڙ انهيءَ ماڻهوءَ بدران، ديوتائي اعزاز جي بارش ڪئي ويندي هئي. يا بادشاه پنهنجي محلات اندر رهندو هو، باقي بي سڄي درٻار انهيءَ انسان ديوتا جي ڪري گهمندي هئي. باوقار ۽ سنجيده نوعيت جون ڏهوتون ۽ ناچ هلڪي ٻئي پٺيان باقاعدي سلسلي ۾ ۽ مقرر ڪيل جاءِ تي منعقد ڪيا ويندا هئا. آخرين ڏينهن تي اهو جوان مرد، پنهنجين زالن ۽ خدمتگارن جي همراهہ، شاهي خيمن سان سينگاريل هڪ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيندو هو ۽ ڍنڍ جي ٻئي پاسي هڪ اهڙي هنڌ پهچايو ويندو هو، جتي پاڻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪناري وٽ هڪ ننڍڙي ٽڪري هئي، انهيءَ ٽڪريءَ کي "الوداعي ڇوڪري" سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ ته اتي ٻي سنڌ ڏانهن سفر ڪندڙ مسافر آخرين وداع ڪندڙ هيوڻن هيٺ پوءِ فقط پنهنجن خدمتگارن جي همراهه هوندي ويندو هو. ميڪسيڪو جي عام سنڌن وانگر، اهو به مخروطي مناري وانگر ٺهيل هوندو هو. جنهن اهو نوجوان مندر جي هڪ ڏاڪي تي چڙهندو ويندو هو، تيئن پنهنجين اڳهن پنسرين مان هڪ هڪ ٽوڙيندو ويندو هو. جن کي اهو پنهنجي شان ۽ شوڪت واري زماني ۾ وڃائيندو رهندو هو. جڏهن هو چوٽيءَ تي پهچي ويندو هو، تڏهن اتي بيٺل پوجاري ڪيس هڪ وڏي پٿر تي ٽڪيءَ پر ليٽائي ٻنهي هٿن، منجهائين هڪ ڇرو سنڌس سينو چاڪ ڪندو هو. زخم جي اندر هٿ لنگهائي، سنڌس دل کي زور سان ڇڪي ٻاهر ڪيندو هو. ان کي قرباني طور سج جي اڳيان مٿي ڇهلي بيهندو هو. ٽئل ڏيوتا جي لاش کي، قربان ٿيل ٻن رواجي ماڻهن جي لاش وانگر، سنڌن جي ڏاڪن کان گسڪائي هيٺ ڪوٺ اڇلايو ويندو هو. ان کي ٽڪريءَ جي دامن ۾ ڪٿي آندو ويندو هو، جتي سنڌس سپه قلم ڪري، نيزي ۽ انڪائي زمين ۾ کوڙيو ويندو هو. اهو هيو انجام انهيءَ ماڻهوءَ جو ميڪسيڪو جي مذهبي برادريءَ جي عظيم ترين ديوتا جو ڪردار ادا ڪندو هو.

ميڪسيڪو جو ديوتا جي حيثيت ۾ ٽوري عرصي لاءِ زندگيءَ ماڻڻ جو اعزاز ۽ انهيءَ ٿي حيثيت ۾ قتل ٿي مرڻ فقط برڻن تائين محدود ڪونه هو. عورتن کي ديوين جي نمائندڻ جي حيثيت ۾ انهيءَ عزت ماڻڻ ۽ موت ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪن حالتن ۾ ڪين ان لاءِ مجبور ٻ ڪيو ويندو هو. چنانچ، سيپٽمبر مهيني ۾، هڪ وڏيءَ تقريب تي، جنهن کان ست ڏينهن اڳ سختيءَ سان روزا رکيا ويندا هئا، پارهن يا تيرهن سالن جي هڪ اهڙيءَ نندياڻيءَ ڇوڪريءَ کي پاڪ ڪري، "مڪائيءَ جي ديويءَ، چيڪو ميڪو هوئائل" جو نمائندو ٻڌايو ويندو هو. اهي ڪيس ديويءَ جا زيور پائيندا هئا، سندس متي تي هڪ نندو تاج رکندا هئا، سندس ڪڇيءَ جي چوڌاري ۽ هٿن ۾ مڪائيءَ جا ڪچا سنگ ٻڌندا هئا ۽ متي جي چوٽيءَ وٽ هڪ سائو ڪنپ سڌو ڪري اهڙيءَ طرح ٻڌندا هئا، جئين اهو مڪائيءَ جي سنگ وانگر نظر اچي. اهو سڀ ڪجهه آهي هن ڪري ڪندا هئا، جئين اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ته جئين هيءَ ڳالهه ظاهر ٿئي ته تقريب ملهائڻ جي وقت مڪائي قريباً پچي چڪي آهي، ۽ چاڪاڻ ته اها اڃا تائين ڪچڙي هوندي هئي، ان ڪري اهي "مڪائيءَ جي ديويءَ" جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ نندياڻيءَ عمر جي چوڪريءَ کي منتخب ڪندا هئا. سڄو ڏينهن انهيءَ غريب چوڪريءَ کي، سڄي ڀار سينگار سان، هڪ ڪان ٻڌي گهر ڦيرايو ۽ خوشيءَ سان نچايو ويندو هو ته جئين روزي جي فاقين ۽ خاموشيءَ کان تنگ ٿيل ماڻهن جون دليون وندرن.

شام وقت سڀ ماڻهو سندر ۾ جمع ٿيندا هئا، جنهن جي ايوانن کي اهي انيڪ شمعدانن ۽ سوين بتين سان روشن ڪندا هئا. ماڻهو اها سڄي رات ننڊ ڪرڻ کان سواءِ اتي گذارينداهئا ۽ اڌ رات جو، جڏهن توتارا، شرنايون ۽ سنگ سنجيده قسم جي سرن ۾ وڄندا رهندا هئا، تڏهن هڪ هلندڙ چلندڙ چڪرو يا پالکي آندي ويندي هئي، جا مڪائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سنگن ۾ ڪارن مرچن جي هارن سان، جن ۾ هر قسم جا بج پڻ پويل، هوندا هئا، سينگاريل هوندي هئي. پالکي کڻي آڻيندڙ ان کي انهيءَ ڪمري جي دروازي اڳيان آڻي رکندا هئا، جنهن ۾ ديويءَ جو مجسمو رکيل هوندو هو. هينئر انهيءَ ڪمري کي سينگاريو ويندو هو، هار لٽڪايا ويندا هئا ۽ ڪمري کي اندر خواه باهر مڪائيءَ جي سنگن، ڪارن مرچن، ڪدن، گلاب جي گلن ۽ ٻين سڀني قسمن جي هارن سان اهڙيءَ طرح پريو ويندو هو، جو ان کي ڏسڻ جي سٿ هئي، دنيا جي عجائبات مان هڪ جو ديدار ڪرڻ، ڪمري جو سڄوفرش ايمان وارن جي اهڙن سبز نذرانن سان ڪافي گهٽيءَ گهرائيءَ تائين ڀريل هوندو هو. جڏهن ساز وڄڻ بند ٿيندا هئا، تڏهن پادرين ۽ امير جو هڪ وڏو جلوس باهر نڪرندو هو، جنهن جي درميان ۾ رندڙ مشعلون ۽ ڏوپ واس ٻرندو رهندو هو ۽ انهن سڀني جي وچ ۾ اها چوڪري هوندي هئي، جنهن کي ديويءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو هو. پوءِ ڪيس پالکيءَ ۾ سوار ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ اها مڪائيءَ، ڪارن مرچن ۽ ڪدن مٿان چڙهي ستي ٿي بيهندي هئي، چو ته ان جي سڄي فرش تي اهي شيون پکڙيل هونديون هيون ۽ چوڪري ٻاڻ کي هيٺ ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ پالکيءَ جي ٻنهي پاسن کي لڳل ٻن ڪائين ۾ هٿ وجهي بيهندي هئي. پوءِ پادري ٻرندڙ ڏوپ جو ڪيس چوڌاري واس ڏيندا هئا، ساز وري وڄڻ شروع ڪندا هئا ۽ انهن جي آواز ۾ مندر جو هڪ وڏو پادري اوچتو ئي اوچتو هٿ ۾ پاڪي کڻي چوڪريءَ ڏانهن وڌندو هو ۽ ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان ان جي مٿي سان هڏل سبز رنگ وارو ڪنپ انهن وارن سميت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي وٺندو هو، جن سان اهو ڪنهن بدل هوندو هو ۽ اها سڄي زلف پاڙون وڃي ڇڏيندو هو. اهو ڪنهن ۽ اهي وار هو پوءِ ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان ديويءَ جي ڪاٺ جي مجسمي جي روبرو پيش ڪندو هو ۽ ائين ڪندي، هو روئيندو ۽ زمين جي سيون، ۽ اٽهن پرپور فصلن لاءِ، جن جي ديويءَ ماڻهن مٿان انهيءَ سال نوازش ڪئي هئي، سندس شڪر گذاري ڪندو هو، ۽ جيئن جيئن هو روئندو ۽ پوڄا ڪندو هو، تيئن تيئن مندر جي ايوانن ۾ بيٺل پيا سڀ ماڻهو ساڻس گڏ روئيندا ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. جڏهن اها رسم پوري ٿي ويندي هئي، تڏهن چوڪري انهيءَ ڇوٽڙي تان هيٺ لهي ايندي هئي ۽ ڪيس انهيءَ جاءِ ڏانهن نيون ويندو هو، جتي ڪيس باقي رات گذراڻي هوندي هئي. پر سڀ ماڻهو مندر جي ايوانن ۾ مشغلن جي زوشنائيءَ ۾ صبح صادق تائين پهرو ڏيندا هئا.

صبح ٽيڪ ڪان پوءِ، جڏهن مندر جا اڳوڻ اڃا ماڻهن جي هجوم سان پريا پيا هوندا هئا، جي مندر جي حدن ڪان ٻاهر نڪرڻ کي گناه سمجهندا هئا، تڏهن پادري وري ٻ انهيءَ دوشيزه کي ٻاهر وڃي ايندا هئا، جا ديويءَ جي ڪپڙن ۾ ملبوس هوندي هئي، جنهن جي مٿي تي تاج رکيل هوندو هو ۽ جنهن جي گردن جي چوڌاري ڪائيءَ جا سنگ لڳل هوندا هئا، وري ٻ هوءَ انهيءَ متحرڪ چڪڙي يا پالکيءَ ۾ چڙهندي هئي ۽ پاڻ کي هٿن ذريعي پاسن وارين ڪائين سان سهارو ڏيئي ٻيهندي هئي. پوءِ مندر جا وڏا پوجاري ان کي پنهنجن ڪلهن تي کڻندا هئا ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي ماڻهو ٻرندڙ ڏوپ جا برتن ڦيرائيندا هئا ۽ پيا ساز وڄائيندا ۽ ڳائيندا هئا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن باقي بيا ماڻهو ڪيس وڏي اگڙ وڃان جلوس جي صورت ۾ "هئيڊزلوپوجنلي" ديوتا جي هال ڏانهن ڪڍي ويندا هئا، جتان وري ٻ ڪيس واپس انهيءَ ڪمري ڏانهن آڻيندا هئا، جتي "ڪائيءَ ديوي" جي ڪاٺ جو مجسمو بيٺل هوندو هو، جنهن جو اها چوڪري ڪردار ادا ڪندي هئي. اتي پوڄاري، اهي دوشيزه کي پالڪيءَ کان هيٺ لاهيندا هئا ۽ اناج ۽ پاڇين جي ڏير مٿان ٻيهاريندا هئا، جي بيشمار تعداد ۾ انهيءَ مقدس ڪمري جي فرش تي وڇايا ويندا هئا. جڏهن اها اهڙيءَ طرح اتي ويٺي هوندي هئي، تڏهن سڀئي سردار ۽ امير قطار ٻڌي هڪ ٻ ٽالهيون ڪڍي، هڪٻئي پٺيان هن ڏانهن ايندا هئا، جي سڪل ۽ جميل رت سان ڀريل هونديون هيون، جا انهن ستن ڏينهن جي روزي جي درميان توبهه تائب ٿيڻ لاءِ پنهنجن ڪنن مان ڪڍي هوندي هئي. هڪ هڪ ڪري، گوڏن ڀر ان جي سامهون ويهندو ويندو هو ۽ ٽالهيءَ مان جميل رت ڪڍي، سندس حضور ۾ انهن نوازشن جي بدلي ۾ نذراني طور رکندو ويندو هو، جنهن جي هن "ڪائيءَ ديوي" جي نمائندي جي حيثيت ۾ مٿن بارش ڪئي هئي. جڏهن سرد اهڙيءَ طرح تواضع ۽ خاڪساريءَ سان ديويءَ جي نمائندي اڳيان پنهنجي رت جو نذرانو پيش ڪري پورو ڪندا هئا، تڏهن زالون، هڪ وڏي قطار ٺاهي ائين ئي ڪنديون هيون، يعني سڀڇاڻن هرهڪ چوڪريءَ جي سامهون هيٺ جهڪي، ٽالهيءَ مان پنهنجو رت ڪڍيندي ويندي هئي. اها رسم گهٽي وقت تائين هلندي هئي، ڇاڪاڻ ته هر وڏي ۽ نندي، جوان ۽ پوڙهي، سڀني ڇٽن کي بغير ڪنهن استثنا جي، ديويءَ جي نمائندي اڳيان لنگهڻو ۽ پنهنجو پنهنجو نذرانو پيش ڪرڻو هوندو هو. جڏهن اها رسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ٿي ويندي هئي، تڏهن ماڻهو وڏي خوشي سان گهر واپس ويندا هئا ۽ اتي گوشت ۽ ٻئي هرقسم جي کاڌي تي اهڙي خوشي سان اچي مجلسون ڪندا هئا جهڙي سان، اسان کي ٻڌايو ويو آهي، نيڪ مسيحي "ايسٽر" جي تقريب تي گوشت ۽ پين ماس وارن کاڌن سان، "لينٽ" جي طويل روزي بعد محفلون مچائيندا هئا. جڏهن اهي پيٽ پوري کائيندا ۽ پيئندا هئا ۽ سڄي رات جي پهري ڪان پوءِ آرام ڪندا هئا، تڏهن تازا توانا ٿي، تقريب جو انجام ڏيڻ لاءِ واپس موٽي ايندا هئا. انهي تقريب جو انجام هي ٿيندو هو: جڏهن سڀ ماڻهو جمع ٿي ويندا هئا، تڏهن پوجاري ڏاڏي سنجيدگي سان انهي چوڪري کي ڏوپ ۽ واس ڏيندا هئا، جا ديوي جي نمائندگي ڪندي هئي، پوءِ اهي ڪيس اناج ۽ ڇڻ جي ڍير مٿان ٻڌي پر اڇلائي، سندس سر قلم ڪندا هئا ۽ زور سان ٻاهر نڪرندڙ رت کي هڪ وڏي ٽراکڙي برتن ۾ گڏ ڪري، ديوي جي ڪاٺ واري مجسمي، ڪمري جي ديوارين، اناج، ڪارن مرچن، ڪدن، ڇڻ ۽ ڀاڄين جي نذرانن مٿان چڙڪائيندا هئا، جي فرش تي جهجهي مقدار ۾ وڇايا پيا هوندا هئا. ان کان پوءِ اهي قتل ٿيل چوڪري جي سر کان سواءِ باقي ڏڙ جي کل لاهيندا هئا ۽ پوجارين مان هڪ ڇٽو پاڻ کي سوڙهو سنگهوڙو ڪري، رت سان پريل انهي کل اندر پاڻ کي ماپائيندو هو. اهو ڪم پورو ڪري، هو انهي پادري کي اهي سڀ جبا پهرائيندا هئا، جي انهي چوڪري ڍڪيا هئا. سندس مٿي تي ننڍو تاج رکيو ويندو هو، سونهري ڪائي جي سنگن جو هار سندس ڳچي جي چوڌاري ويڙهيو ويندو هو ۽ ڪنين ۾ سون مان ٺهيل ڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سنگ سندس هٿن ۾ ڏنا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح ان کي سينگاريل، جلوس جي صورت ۾ ماڻهن ۾ گهمايو ويندو هو؛ سپيئي چٽا ڏهل جي آواز تي نچندا ويندا هئا ۽ هو پاڻ، چوڪريءَ جي رت سان آليءَ ۽ تنگ ڪل ۽ سندس ڪپڙن ۾ قاتل هٿ جي باوجود، جي هڪ وڏي مرد لاءِ تمام سوڙها هوندا هئا، جلوس جي اڳواڻيءَ ۾ ڏاڍيءَ چستيءَ ۽ ڦرتيءَ سان ٽپندو، ڪڏندو ۽ اشارا ڪندو، سيني جي مهندار جو ڪردار ادا ڪندو ويندو هو.

مٿينءَ رسم ۾ نوجوان چوڪريءَ جي "مڪائيءَ" جي ديويءَ" سان شناخت مڪمل نظر اچي ٿي. مڪائيءَ جا سونهري سنگ، جي هوءَ گلي جي چوگرد ويڙهيندي هئي، مڪائيءَ جا مصنوعي سنگ، جي هوءَ پنهنجن هٿن ۾ ڪٽي هلندي هئي، اهو سائو ڪنب، جيڪو سندس وارن ۾ مڪائيءَ جي سائي سنگ سان مشابهت رکڻ لاءِ (اسان کي ٻڌايو ويو آهي) اٽڪايو ويندو هو، سي سڀ ڪيس اناج جي روح جي شخصيت جو نمائندو ٻڌائيندا هئا. اسان کي صاف طرح ٻڌايو ويو آهي ته اها چوڪري مڪائيءَ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ خاص طرح ننڍيءَ ڇمار جي منتخب ڪئي ويندي هئي؛ ڇاڪاڻ ته تقريب جي وقت مڪائي اڃا مڪمل طور پڄي راس ڪانه ٿيندي هئي. ان کان سواءِ، ڪيس مڪائيءَ جي ديرن تي بيهاري ۽ اتي سيني ماڻهن جو نياز ۽ رت جو نذرانو ڏيئي، جيڪي انهيءَ طريقي سان انهن سيني نوازشن لاءِ سندس شڪر گذاري ڪندا هئا، جي ديويءَ جي حيثيت ۾ هوءَ مٿن نازل ڪندي هئي، هن جي آنَ ۽ آنَ جي ديويءَ سان شناخت جو صاف طرح اعلان ڪيو ويندو هو. وري؛ هن کي آنَ ۽ ٻڄن جي ديرمٿان قتل ڪرڻ جو رواج ۽ سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت کي، نہ فقط "ڪائي ديويءَ" جي مجسمي مٿان، پر ڪائيءَ ڪارن مرچن، ڪدن، ٻجن ۽ پاڇين جي ڍير مٿان به چڙڪائڻ جو مقصد ظاهر طور، اناج جي فصلن ۽ زمين جي ميون جي نمائندن ۾ عام طرح خود "آن جي ديويءَ" جو رت پرڻ سان، سندن واڌاري ۾ تيزي آڻڻ ۽ کين طاقتور ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪوبه ڪونه هوندو. ميڪسيڪو وارن جي هن قرباني جي مشابهت، جنهن جي معنيٰ متعلق ڪوبه اختلاف ڪونه ٿو ٿي سگهي، فصلن لاءِ ٻين انساني قربانين جي انهيءَ معنيٰ کي تقويت بخشي ٿي، جيڪا مون انهن جي متعلق ڏني آهي. جيڪڏهن ميڪسيڪو جي اها چوڪري، جنهن جو رت ڪائيءَ مٿان چڙڪايو ويندو هو، درحقيقت "ڪائيءَ جي ديويءَ" جو ڪردار ادا ڪندي هئي ۽ اُن جي شخصيت جي نمائنده هئي، تہ پوءِ هيءَ ڳالهه اڃا به زياده ممڪن ٿيو پوي تہ اها چوڪري، جنهن جو رت "پاڻي" قبيلي وارا ٻج واري ان مٿان ساڳيءَ ريت چڙڪائيندا هئا، بلڪل ساڳيءَ طرح "ان جي ساده روح" جي شخصيت جي مظهر هئي. اها ئي حالت اهڙن ٻين انسانن جي هئي، جن کي ٻين قومن فصلن جي واڌ ۾ اضافي آڻڻ لاءِ وقت بوقت ذبح ڪيو آهي.

سڀ کان پوءِ، انهيءَ مقدس ناٽڪ جي آخرين پڙدي جي، جنهن ۾ مئل "ڪائي ديويءَ" جي کل لاٿي ويندي هئي جنهن کي، سندس ٻين سڀني مقدس علامتن سان گڏ هڪ اهڙو ماڻهو پنهنجي مٿان پائيندو هو، جو انهيءَ پوائتي لباس ۾ ماڻهن اڳيان نچندو هو. هن قياس جي بنياد تي بهترين طريقي سان سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي تہ اُن جو مقصد هن خاطريءَ ڪرڻ جو هيو تہ ديويءَ جي موت کان هڪدم بعد، سندس ٻيو نئون جنم شروع ٿي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو، جيڪڏهن ائين هو، تہ پوءِ آسان امڪان جي ڪافي حد تائين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا تہ ديوتا جي انساني نمائندي، کي قتل ڪرڻ جي رسم کي گهٽو ڪري، شايد هميشه، ديوتائي قوتن کي سندس جوانيءَ جي ڪمال زور ۽ پياپي جي ڪمزوريءَ ۽ ناتوانيءَ جي داغ کان پاڪ رکڻ جو محض هڪ ذريعو سمجهيو ويو آهي جنهن کان، جيڪڏهن ديوتا کي قدرتي موت مرڻ ڏنو وڃي ها، انهن کي ضرور نقصان رسي ها.

ميڪسيڪو وارن جون اُهي رسمون هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ جن انساني قربانين جو منهنجي خيال موجب اُريشيا ۾ رواج هو سي، درحقيقت، هڪ اهڙيءَ قوم طرفان باقاعدگيءَ سان ڏنيون ويندیون هيون، جن جي ثقافت جي سطح انهيءَ زماني ۾، جنهن ۾ اُريشيا جي پادرين جي سلسلي جو حوالو ڏيئي سگهجي ٿو، جيڪڏهن چڱيءَ طرح زياده بلند ڪانہ هئي، تہ پوءِ ان کان يقيناً ادنيٰ درجي واري ڪانہ هئي. دنيا جي هڪ حصي ۾ اهڙين قربانين جي رواج متعلق اثباتي ۽ غير مشتبہ ثبوت کي انهن قربانين جي بين اهڙن حصن ۾، جتي ثابتيون اينريقدر مڪمل ۽ معتبر نہ ٿيون ملي سگهن، رواج هئڻ جي امڪان کي تقويت بخشڻ جي بلڪل معقول طور اجازت ڏيئي سگهجي ٿي. انهن سيني گالهين کي مجموعي طور زير غور آڻڻ سان، اهي حقيقتون، جي اسان جي نظر هيٺ اڳي گذريون آهن، ظاهر ڪري رهيون آهن تہ اهڙن ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي رسم، جن کي سندن پوجاري مقدس ديوتا سمجهن ٿا، دنيا جي مختلف ۽ گهڻن ملڪن ۾ مروج رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستهون

آسمان ۽ زمين جي وچ ۾

۱- **زمين کي نم چوڻ:** هن ڪتاب جي شروعات ۾ ۽ سوال جواب طلب ٿهرايا ويا هئا: اثريشيا جي پوڄاريءَ کي پنهنجي پيشروءَ کي چو قتل ڪرڻو پوندو هو؟ ۽ ائين ڪرڻ کان اڳ ڪيئن چو "سونهري تاري" پٽي پوندي هئي؟ انهن ٻن سوالن سان پهرئين جو جواب هينئر ملي چڪو آهي. اثريشيا جو پوڄاري جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، انهن مقدس بادشاهن يا انسان ديوتائن منجهان هڪ هو، جنهن جي زندگيءَ تي سڄيءَ قوم جي بهبودي ۽ پلائيءَ ۽ خود فطرت جي سڄي نظام جو عام طور قريبي دارومدار سمجهيو وڃي ٿو. ائين نم ٿو نظر اچي تہ انهيءَ روحاني حاڪم جي رعايا يا سندس پوڄارين پنهنجي دماغ ۾ آنهيءَ تعلق جو ڪو چڱو ۽ صاف نظريو قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ اهي ان سان منسلڪ رهن ٿا. ممڪن آهي تہ انهيءَ ڏکڻي تي سندن خيال ڏندلا ۽ ڦرندڙ گهڙندڙ هجن ۽ ان ڪري جيڪڏهن اسين انهيءَ رشتي کي منطقي باريڪيءَ سان صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون، تہ غلطيءَ جا مرتڪب ٿيندا سون. آهي ساڀهو فقط هي چاڻن ٿا يا البت هي سمجهن ٿا. تہ ڪنهن تہ ڪتهن نموني سان خود اهي، سندن چوپايو مال ۽ سندن فصل ڪنهن ۾ اسرار نموني سان سندن مقدس بادشاهه سان وابسته آهن، جنهن ڪري جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو خوش يا بيمار آهي، تہ قوم خوش يا بيمار آهي، ڏڻ ۽ گل قلن ۽ قولن ٿا يا بيماريءَ سبب ڳرن ۽ سڙن ٿا ۽ سندن ٻنيون پلا يا چڀا فصل ڏين ٿيون. سيني کان وڏي مصيبت، جنهن جو اهي تصور ڪري سگهن ٿا، سا آهي سندن حاڪم جو قدرتي موت، ٻوءِ اهو بيماريءَ سبب هجي، خواه وڏيءَ عمر سبب، چاڪاڻ تہ سندس معتقدن جي ڏاڍ ۾ اهڙو موت انهن ۽ سندن مال ۽ ملڪيت متان انتهائي نقصانڪار نتيجن جو حامل ٿيندو، اهڙيءَ صورت ۾ موتمار وبائون ماڻهوءَ ۽ مرونءَ کي پوهاري چٽ ڪري ڇڏيندون. ڏرتيءَ پنهنجي پيداوار وڌائڻ کان صاف انڪار ڪندي، پر تہ، خود قدرت جو ڏانچو ئي ڳري ويندو. اهڙين مصيبتن کان بچڻ لاءِ بادشاهه کي اهڙي وقت قتل ڪرڻ ضروري آهي، جڏهن اهو ايجاد پنهنجيءَ ديوتائي جوانيءَ جي قوه ۾ هجي، تہ جيئن سندس مقدس زندگيءَ پنهنجي جانشين ڏانهن اڻ-گهٽ طاقت جي حالت ۾ منتقل ٿي، پنهنجي جوبن کي دوباره تازو ڪري واپس موٽي اچي ۽ اهڙيءَ طرح مسلسل انتقالن ذريعي طاقتور اوتارن جي هڪ مستقل سلسلي وسيلي اها دائمي طور تازي ۽ جوان رهندي اچي ۽ هن باري ۾ هڪ وعدو ۽ ڀاسن رهي تہ انسان ۽ حيوان، ساڳيءَ طرح، نسلن جي هڪ دائمي تسلسل ذريعي پنهنجي جواني ڪي نوبتو ڪيندا ايندا ۽ پيڇي جو وقت ۽ لاباروءَ اونهاري ۽ سياري ۽ ٻنهن ۽ اس ڪڏهن به بختر ڪونہ ٿيندا. اهو هيو سبب، جيڪڏهن منهنجو قياس درست آهي، جو ائريشيا جي پوجاريءَ "نيميءَ جي ٻيلي جي بادشاهه" کي پنهنجي جانشين جي تلوار سان نيست و نابود ٿيڻو پوندو هو.

پر آسان ڪي اڃا هڪ هيءُ سوال پڇڻو آهي تہ "سونهري ٽاري"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا هئي؟ ۽ ائريشيا جي پوجاريءَ جي عهدي جي هڪ اميدوار کي اڳئين پوجاريءَ کي قتل ڪري سگهڻ کان اڳ، انهيءَ ٻاريءَ کي ڇو ٻوڙڻو پوندو هو؟ انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ جي آءٌ هينئر ڪوشش ڪندس.

بهتر ٿيندو ته انهن ٻن قانونن تي غور ڪرڻ سان شروعات ڪجي، جن موجب، جئين اسين ڏسي آيا آهيون، انهن مقدس بادشاهن يا پوجارين جي زندگين جو نظام هلايو وڃي ٿو. انهن قانونن. سان پهريون، جنهن ڏانهن آءٌ پڙهندڙ جو ڌيان مبذول ڪرائڻ چاهيان ٿو، هيءَ آهي ته انهيءَ ديوتائي شخصيت کي پنهنجي پير سان زمين کي نه ڇهڻ گهرجي. انهيءَ قانون تي ميڪسيڪو جي زئپوٽيڪ قبيلي وارن جو اعليٰ حاڪم عمل ڪندو هو، هو پنهنجي تقدس کي ناپاڪ ڪري وجهندو هو، جيڪڏهن پنهنجي پير سان زمين کي ذري برابر به ڇهي وجهندو هو. ميڪسيڪو جي شهنشاهه، "مانٽيزوما،" کڏهن به زمين تي پير ڪونه رکيو، ڪيس همڪشه امير ۽ نوابن جي کلهن تي کنيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن هو ڪڏهن به هيٺ لهندو هو، ته هن جي گهمڻ لاءِ قيمتي ڪپڙا وڇايا ويندا هئا. جپان جي "ميڪادو" لاءِ زمين کي پير سان ڇهڻ، هڪ شرمنڊگيءَ واري ڏلالت هئي، درحقيقت، سورهينءَ صديءَ ۾ اها ڪالهه ڪيس پنهنجي اعليٰ عهدي کان محروم ڪرائڻ لاءِ ڪافي هئي. هندين سماڻ کان ٻاهر، ڪيس ماڻهن جي کلهن تي نيون ويندو هو! ان جي اندر هو بهترين ڪاريگريءَ سان ٺاهيل تڏن ۽ ٽانگ گهمندو هو. ٺاهڻيءَ جي بادشاهه ۽ سندس راڻيءَ کي پنهنجي سوروئي علائقن کان ٻاهر ڪنهن به هنڌ زمين کي پير سان ڇهڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ تہ جنهن زمين تي اهي قدم رکندا هئا، سا مقدس ٿي پوندي هئي. هڪ ڪان ٻيءَ جاءِ ڏانهن سفر ڪندي، ڪين مقدس ماڻهن جي ڪلهن تي ڪڇون ويندو هو. اهڙي قسم جي پاڪ ڪيل خدمتگارن جا ڪيئي جوڙا سندن همراه رهندا هئا ۽ جڏهن ڪين پنهنجن حمالن کي تبديلي ڪرائڻ جي ضرورت پوندي هئي، تڏهن بادشاهه ۽ راڻي پنهنجن پيرن کي زمين سان ڇهڻ ڪان سواءِ، نون حمالن جي ڪلهن تي ٽپي ايندا هئا. اهو بدشگون سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن "دوساما" جو بادشاهه زمين کي پيرن سان ڇهي وجهندو هو ۽ ان لاءِ ڪيس توبهه تائب ٿيڻ جي قرباني ڪرڻي پوندي هئي. ايران جو بادشاهه پنهنجي محلات اندر اهڙن غاليچن مٿان گهمندو هو، جن تي ٻئي ڪنهن جو قدم نٿو پيو هوندو هو. ان ڪان ٻاهر ڪيس ڪڏهن به پياده ڪونہ ڏٺو ويو. پر هو هميشه ڦٽن يا گهوڙن تي سوار هوندو هو. قديم زماني ۾ سيام جو بادشاهه ڪڏهن به ڌرتيءَ تي پير نہ رکندو هو. پر ڪيس سون جي تخت تي ويهاري هڪ ڪان ٻئي هٿ پهچايو ويندو هو. اڳئين زماني ۾ يوگنڈا جا بادشاهه، سندن ماڻهون ۽ سندن راڻيون انهن ڪشاده لوڙهن ڪان ٻاهر، جن جي اندر اهي رهندا هئا، ڪڏهن به پيادل نہ گهمندا هئا. جڏهن به اهي ٻاهر نڪرندا هئا، تڏهن کين "سينهن قبيلي" جي ماڻهن جي ڪلهن تي ڪنيون ويندو هو، جن مان گهڻيئي ڇڻا انهن شاهي شخصيتن مان ڪنهن به هڪ سان سفر تي گڏ ويندا هئا ۽ اهو شاهي بار واري ٻيءَ سان ڪٽندا هئا. بادشاهه پنهنجي حمال جي گردن مٿان ائين ويهندو هو، جو سندس هڪ ٽنگ هن جي هڪ ڪلهي تان ٻئي طرف وريل هوندي هئي ۽ سندس پير حمال جي ٻانهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليل رهندا هئا. جڏهن شاهي حمالن مان کو هڪ ٽکجي پوندو هو، تڏهن اهو بادشاهه کي ٻئي همراه جي کلهن تي اهڙيءَ طرح کڻي اڇلائيندو هو، جيئن شاهي پير زمين سان نه لڳي. اهڙيءَ طرح جڏهن بادشاه سفر ۾ هوندو هو، تڏهن اهي حمال تيز رفتاريءَ سان ويندا هئا ۽ هڪ ڏينهن ۾ وڏا مفاصلا طئي ڪندا هئا. حمالن کي بادشاه جي لوڙهي اندر هڪ خاص جهوپڙي ملهل هوندي هئي، ته جيئن انهن جي جڏهن به ضرورت محسوس ڪئي وڃي، تڏهن اهي حاضر رهن. باکوبا يا البته بوشونگو قبيلي وارن ۾، جي ڪانگو درياه جي جنوبي حصي ۾ آباد آهن، ٻورا ئي سال اڳ، شاهي رت وارن ماڻهن کي زمين تي پير رکڻ جي منع هوندي هئي، کين ڪنهن ڪل، ڪرسيءَ يا ڪنهن ٻانهي جي ٻڌيءَ تي ويهڻو هوندو هو، جو هٿن ۽ پيرن تي اونڌو ٿي هلندو هو ۽ سندس پير ٻين ماڻهن جي پيرن تي رکيل هوندا هئا. جڏهن اهي سفر ڪندا هئا، تڏهن کين ماڻهن جي ٻڌين تي کنيو ويندو هو. ۽ بادشاهه کان جي لکڻ مٿان رکيل هڪ ڏولي ۾ سفر ڪندو هو. ڏکڻ نائجيريا ۾، آوڪا جي آس پاس آباد "ابو" قوم وارن ۾، "ڏرتيءَ" جي پوجاريءَ کي مختلف قسمن جي ڪمن کان پرهيز ڪرڻي پوندي آهي، مثال طور ڪيس مڙدي کي نه ڏسڻو هوندو آهي. جيڪڏهن رستي ويندي ڪيس کو لاش نظر اچي ويندو آهي، ته ڪيس پنهنجيءَ ٻانهن جي ڪرائيءَ سان. پنهنجيون اکيون ڏکڻيون پوندیون آهن، ڪيس گهٽن کاڌن، جهڙوڪ آنڊن، سيني قسمن جي پکين، ٻڪريءَ يا رڍ جي گوشت، ڪتي، هرڻ، وغيره کان پرهيز ڪرڻي پوندي آهي. هن کي ڪنهن به نقاب پائڻ يا ڇهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي ۽ کوبه نقاب پوش سندس گهر اندر داخل ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سگھندو آھي. جيڪڏھن ڪو ڪتو سندس گھر اندر داخل ٿيندو آھي، تہ ان کي ماري ٻاھر ڦٽو ڪيو ويندو آھي. "ڏرتيءَ" جي پوڄاريءَ ھئڻ جي حيثيت ۾ ڪيس اگھاڙيءَ زمين تي ڪونہ ويھڻو ھوندو آھي، نہ وري ڪيس اھي شيون ڪائڻيون ھونديون آھن، جي زمين تي ڪري پيڻون ھونديون آھن ۽ نہ مثلاً مٽي اڇلائي ويندي آھي. قديم برھمڻي رسمن مطابق بادشاہ کي پنھنجيءَ تخت نشينيءَ وقت ھڪ چيتي جي کل ۽ ھڪ سونيءَ ٽالھيءَ مٿان گھمڻو ھوندو ھو. ڪيترن جھنگلي سوئر جي چمڙي جا بوٽ پارايا ويندا ھئا ۽ جيسين ھو زنده رھندو ھو، تيسين ڪيس اگھاڙن پيرن سان زمين تي ڀيھڻ جي اجازت ڪانہ ھوندي ھئي.

پر اھڙن ماڻھن کان علاوہ، جي مستقل طور مقدس يا زير ممانعت ھوندا آھن ۽ کين پنھنجن پيرن سان زمين ڪي چھڻ جي مستقل طور منع ٿيل ھوندي آھي، ڪي ٻيا وري اھڙا ۽ ھوندا آھن، جي تقدس جو اھو اعزاز ۽ اھا حيثيت ڪن خاص موقعن تي ماڻيندا آھن ۽ جن سان مذڪور ممانعت انھن خاص موسمن جي دوران ۽ واسته ڪئي ويندي آھي، جنھن ۾ انھن سان تقدس جي خوشبو نڪرندي رھندي آھي. چنانچہ، مرڪزي بورنيو جي ڪايان يا بھائو قبيلي وارن ۾، جڏھن پوجاريون ڪن خاص رسمن جي ادائگيءَ ۾ مصروف ھوندیون آھن، تڏھن کين زمين تي پير رکڻ جي اجازت ڪانہ ھوندي آھي ۽ انھن جي پير رکڻ لاءِ زمين تي ڪاٺ جا تختا وڇايا ويندا آھن. وري جنگي جوڌا، جي اڃا جنگ جي راہ ۾ ھوندا آھن، ھڪ قسم جي پرھيز جي فضا ۾ وکوڙيل رھندا آھن. چنانچہ، اتر آمريڪا جا ڳاڙھا ھندستاني جيتري وقت تائين ڪنھن جنگي قسم جي مھم تي ھوندا آھن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوتري سڄي عرصي ۾ اگهاڙيءَ ڏرتيءَ تي نہ ويهندا آهن. لائوس ۾ هاٿين جي شڪار مختلف قسمن جي پرهيزن ڪي وجود ۾ آندو آهي، انهن مان هڪ پرهيز هيءَ آهي ته شڪارين جو سهندار زمين کي پير سان نہ ڇهي. چنانچہ جڏهن هو پنهنجي هاٿيءَ کان هيٺ لهندو آهي، تڏهن پيا شڪاري آن لاءِ زمين تي پنن جو غاليچو وچائيندا آهن.

ظاهر ٿئي ٿو ته تقدس، جادوءَ جي خاصيت، پرهيز يا اها پراسرار خوبي، جنهن کي اسين ڪهڙي به نالي سان ڪٽي سڏيون، جا مقدس يا زير معانعت ماڻهن ۾ سمايل سمجهي ويندي آهي، هڪ وحشي ۽ قديم النسل فيلسوف جي نظر ۾ هڪ طبعي چيز يا ڪا پاٽيائي شيءَ آهي، جنهن سان هڪ مقدس انسان اهڙيءَ طرح پُر رهي ٿو، جهڙيءَ طرح "ليڊن گهڙو" *(Leyden Jar) برقي قوت سان پريل هوندو آهي، ۽ جهڙيءَ طرح گهڙي ۾ سمايل برقي قوت هڪ ڪنڊڪٽر شيءَ سان متصل ٿئي ڪري گهڙي مان باهر نڪري وڃي ٿي، تيئن ساڳيءَ طرح، ماڻهوءَ جو تقدس يا سندس جادوئي خصلت ڏرتيءَ سان لهه وڇڙ ۾ اچڻ سبب باهر نڪري ختم ٿي سگهي ٿي، جا انهيءَ نظريي جي بنياد تي جادوءَ جي پاٽيائيءَ خصلت لاءِ هڪ ڪشش ڪنڊڪٽر شيءَ جو ڪم ڏئي ٿي. چنانچہ، انهيءَ قوت کي باهر نڪرڻ ضايع ٿيڻ کان محفوظ ڪرڻ لاءِ، مقدس يا پرهيزگار ماڻهوءَ کي احتياط سان ڏرتيءَ تي پير رکڻ کان روڪڻ گهرجي، جيڪڏهن کيس انهيءَ قيمتي شيءَ يا پاٽيائي خصلت سان ڪنڊڪٽر تار پريل هڪ ننڍي برتن جي حيثيت ۾ انهيءَ قوت کان خالي ڪرڻ منظور نہ آهي، ته پوءِ کيس انهيءَ قوت کي

* سائنس جي تجربن ۾ ڪم ايندڙ هڪ برقي اوزار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڏانهن کشش کندڙ هر شيءَ کان دور رکڻ گهرجي. اکثر حالتن ۾ ظاهر هيٺن ٻيو معلوم ٿئي ته پرهيز واري ماڻهوءَ کي هر اهڙيءَ شيءَ کان دور رکڻ جي سفارش نه فقط سندس پر پين جي حفاظت خاطر پڻ ڪئي ويندي آهي، چاڪاڻ ته، جيڪڏهن تقدس يا پرهيزگاري جي خوبي هڪ قسم جو طاقتور باروت آهي، جو ٿوري ئي ڇهڻ سان قائي سگهي ٿو، ان ڪري عام سلامتيءَ خاطر ان کي تنگ حدن اندر محدود رکڻ تمام ضروري آهي، ته متان قائي سان گڏ اهو دهشتناڪ ڏڏڪو پيدا ڪري، باهم ڦهلائي وجهي ۽ هر اهڙيءَ شيءَ کي، جا سندس لهه وچڙ ۾ اچي، نيست و نابود ڪري ڇڏي.

۲- **سچ کي نه ڏسڻ:** ٻيو اهڙو قانون، جنهن تي اسان کي هتي غور ڪرڻو آهي، سو هيءَ آهي ته هڪ مقدس ماڻهوءَ متان سچ نه چمڪڻ گهرجي. انهيءَ قانون تي ميڪاڊوءِ زئپوٽيڪ قبيلي وارن جو جاکر، پنهنجي عمل ڪندا هئا. انهن پنهنجي هستين ۾ پوئين ڪي "هڪ اهڙو ديوتا سمجهيو ويندو هو، جنهن کي پنهنجي متان ڪڏهن لاءِ زمين لائق نه هئي ۽ نه ويڙي سچ ئي سندس متان روشني ڪرڻ جي قابل هو". جڏهن باشندا هن گالهه جي اجازت ڪالهه ڏيندا هئا ته ميڪاڊو پنهنجو مقدس جسم ڪليل هوا ۾ اگهاڙو ڪري، جو سچ کي سندس متان چمڪڻ جي ناقابل سمجهيو ويندو هو، ڏکڻ آفريڪا ۾ گرئينڊا جا گاڙها هندستاني "انهن ماڻهن کي، جيڪي سندن حاڪم يا سپه سالار ٿيڻ وارا هوندا هئا، پوءِ اهي مرد هوندا هئا خواه عورتون، جڏهن اهي اڃا ڀارئي هوندا هئا، گهٽ سالن تائين ۽ ڪن کي ته ستن سالن تائين قيد ڪري رکندا هئا ۽ سندن اهڙو قيد ايتري قدر سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو هو، جو کين سچ نہ ڏسڻو هوندو هو، چو تہ جيڪڏهن اهي اتفاق سان ان کي ڏسي وڃندا هئا، تہ کين سرداريءَ کان محروم ڪيو ويندو هو ۽ قيد و بند جي انهيءَ عرصي ۾ کين کن خاص قسمن جا مقرر ڪيل کاڌا کائڻا پوندا هئا، اهڙا ماڻهو جي کن وقتن تي سندن محافظ هوندا هئا، سندن خلوت گاه يا قيد اندر وڃي، کين سخت مار ڏيندا هئا." چنانچہ، مثال طور بوگوڻا جي تخت جي وارث کي، جو بادشاه جو پٽ نہ، پر سندس پاڻيجو هوندو هو، ننڍيءَ ڄمار کان وٺي سخت تربيت حاصل ڪرڻي پوندي هئي، هو مڪمل تنهائيءَ ۾ هڪ مندر اندر رهندو هو، جتي هو سچ نہ ڏسي سگهندو هو، نہ لوڻ کائيندو هو ۽ نہ کنهن عورت سان گفتگو ڪري سگهندو هو: هو محافظن ۾ گهيريل رهندو هو، جي سندس چال چلت کي غور سان جاچيندا هئا ۽ سندس سيني ڪمن کي باريڪيءَ سان ڏسندا رهندا هئا. جيڪڏهن هو انهن قاعدن مان کنهن هڪ جي به خلاف ورزي ڪندو هو، جي ان لاءِ مقرر ڪيل هوندا هئا، تہ کيس بدنام ڪري، تخت و تاج جي سيني حقن کان محروم ڪيو ويندو هو. ساڳيءَ طرح سوگاموسو بادشاهيءَ جي وارث کي تخت و تاج حاصل ڪرڻ کان اڳ، ستن سالن تائين مندر ۾ روزا رکڻا پوندا هئا، کيس اونده ۾ بند ٿي رهڻو پوندو هو ۽ سچ يا روشنائيءَ کي ڏسڻ جي اجازت کان هوندي هئي. جنهن شهزادي کي "پيرو" ملڪ جو "انڪا" ٿيڻو هوندو هو، تنهن کي روشنيءَ ڏسڻ کان سواءِ هڪ مهيني تائين روزا رکڻا پوندا هئا.

۳- **بلوغت وقت چوڪرين جي تنهائي:** هينئر هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گالهه قابل غور آهي ته مٿي ذڪر ڪيل انهن ٻن قاعدن - زمين کي نه ڇهڻ ۽ سج کي نه ڏسڻ - تي مختلف ملڪن جون چوڪريون بلوغت ۾ پير پائڻ کان پوءِ عمل ڪنديون آهن. چنانچه، لوئانگو جي حبشين ۾ چوڪرين کي بالغ ٿيڻ وقت جدا جهوپڙين ۾ بند رکيو ويندو آهي ۽ کين ذرتيءَ کي پنهنجي اگهاڙي بدن جي ڪنهن به عضوي سان چوڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. ڏکڻ آفريڪا جي "زولو" ۽ ٻين متعلقه قبيلن جي چوڪرين ۾، جڏهن بلوغت جون ڦريون علامتون نمايان ٿيڻ لڳنديون آهن "۽ ان وقت اتفاق سان چوڪري گهمڻ، ڪاهڻ ميڙڻ يا پنين ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران ۾ هوندي آهي، تڏهن هوءَ هڪدم ندييءَ ڏانهن ڊوڙي ويندي آهي ۽ سچو ڏينهن ڪاڻ ۾ لڪي ويهي رهندي آهي، ته جيئن مٿس مردن جي نگاه نه پوي. هوءَ پنهنجي مٿي کي احتياط سان پنهنجي ڪٽي سان ڍڪي ڇڏيندي آهي، ته جيئن سج ان جي مٿان نه چمڪي ۽ ڪيس هڪ سڪل سڙيل پنڇري وانگر ساڙي خاڪ نه ڪري ڇڏي، جئين سج جي شعاعن ۾ اگهاڙي رهڻ سبب اهو نتيجو لازمي طور نڪري ها. اوندهه ٿيڻ کان پوءِ هوءَ گهر ايندي آهي ۽ ڪيس "ڪجهه وقت لاءِ هڪ جهوپڙيءَ ۾ تنها رکيو ويندو آهي." نياسا ڍنڊ جي اترينءَ پڇڙيءَ وٽ آباد، "ائوا - نڪونڊ" نالي هڪ قبيلي وارن وٽ اهو قانون آهي ته پهرينءَ ساهواريءَ جي اچڻ کان پوءِ، چوڪريءَ کي سندس جنس جي ڪن همراهن سان گڏ هڪ اونداهي گهر ۾ جدا رکڻ گهرجي. زمين کي کيوڙي جي خشڪ پنن سان ڍڪيو ويندو آهي، ۽ انهيءَ گهر اندر، جنهن کي "ائواسنگو جو گهر" يعني "اهڙين ڪنوارين چوڪرين جو گهر، جن کي دليون ڪينهن" سڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، ڪابه باهر نه ٻاڙي هوندي آهي.

نيو آئرلئنڊ ۾، چوڪرين کي ڇڻ يا پنجن سالن تائين ننڍن پنڇرن ۾ بند ڪري، اوندهه ۾ رکيو ويندو آهي ۽ کين زمين تي پير رکڻ نه ڏنو ويندو آهي. هڪ عيني شاهد انهيءَ رسم جو هيئن بيان ڪيو آهي: "مون پنهنجي ماستر جي زباني هتان جي ڪن جوان چوڪرين جي متعلق هڪ عجيب رسم جي ڳالهه ٻڌي، جنهنڪري مون آتان جي سردار کي عرض ڪيو ته مون کي اتي وڃي ڏسڻ جي، جتي انهن چوڪرين کي رکيو ويو هو. انهيءَ گهر جي ڏيگهه اٽڪل پنجويهه ڪن فوٽ هئي ۽ اهو ڪاٺن ۽ بانس جي لکڙن جي لوڙهي اندر ٻڌل هو، جنهن جي داخلا واري دروازي جي آرپار سڪل گاه جو هڪ بنڊل لٽڪيو رهندو هو، جنهن جي معنيٰ اها هوندي هئي ته انهيءَ جاءِ ۾ داخل ٿيڻ يا سندس قريب وڃڻ جي سخت منع هئي. گهر اندر مخروطي صورت جا ٽي پنڇرا رکيل هئا، جن جي اوچائي اٽڪل ست يا اٺ فوٽ هئي، تري وٽ سندن گهيرو ڏهه يا ٻارنهن فوٽ هو ۽ زمين کان اٽڪل ڇڻ فوٽن ڪان پوءِ ڇڻين پوءِ ٽئين مٿيرو اهي نوڪدار ٽيل هئا. اهي پنڇرا "پئنڊانس" - وڻ جي ويڪرن پنن جا ٺهيل هئا، جن کي هڪ ٻئي سان گڏ ويڇهو ويڇهو سيئو ويو هو، ته جئين انهن مان ڪابه روشني ۽ ٺوري يا هوا اندر نه پهچي سگهي. هرهڪ پنڇري جي پاسي ۾ هڪ ڪليل سوراخ هوندو آهي، جو ٻئي دروازي ذريعي، جيڪو ناريل جي وڻ ۽ "پئنڊانس" وڻ جي پنن مان ٺهيل هوندو آهي، بند ٿيندو آهي. زمين کان اٽڪل ٽي فوٽ مٿي، بانس جي لکڙن مان ٺهيل هڪ ٽڪنهو هوندو آهي، جو انهن جو فرش هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي ٻڌايو ويو ته انهن پنجرن مان هرهڪ ۾ هڪ نوجوان عورت بند هئي، جن مان هرهڪ کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن يا پنجن سالن تائين منجهس رهڻو پوندو هو ۽ انهيءَ دوران ۾ کين ڪڏهن به گهر مان ٻاهر وڃڻ نه ڏنو ويندو هو. جڏهن مون اها گالهه ٻڌي، تڏهن آءٌ سخت مشڪل سان ان تي ويساهه ڪري سگهيس. سچي گالهه ايتري قدر ته وحشتناڪ نظر اچي رهي هئي، جو اها سچي نه پئي ٿي سگهي. مون سردار سان گالهايو ۽ کيس چيو ته مون کي پنجرن جي اندرين حصي جي ڏسڻ جي مرضي هئي ۽ ان سان گڏ چوڪرين کي هن لاءِ ڏسڻ جي خواهش به هئي، ته انهن کي ڪن مٽين ۽ موتين جو نذرانو پيش ڪريان. هن مون کي ٻڌايو ته اهي زير ممانعت هئا، يعني انهن جي قريبي رشتيدارن کان علاوه، ٻين مردن کي مٿن نظر وجهڻ ممنوع هئي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته وعدي ڪيل موتين کيس آماده ڪيو، جنهن ڪري هن ڪنهن پوڙهيءَ عورت کي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليو، جا انهن پنجرن جي نگران هئي ۽ جنهن کي ئي دروازن کولڻ جي اختياري هئي. جڏهن اسين انتظار ڪري رهيا هئاسون، تڏهن اسين چوڪرين کي ڏکندڙ آواز ۾ سردار سان گالهائيندي ٻڌي پئي سگهياسون، جڏ ته اهي ڪنهن گالهه تي اعتراض ڪري يا ڪٿ خدشن جو اظهار ڪري رهيون هيون. آخرڪار، پوڙهي عورت آئي ۽ يقيناً اها هڪ وٽندڙ جيلر يا محافظ نه پئي معلوم ٿي، نه وري ڪيس اسان کي چوڪرين ڊيڪارڻ لاءِ سردار جي درخواست پسند هئي، ڇو ته اها اسان کي چڱين نظرن سان نه ڏسي رهي هئي. بهرحال، جڏهن ڪيس دروازن کولڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن هن کي اڳين ڪرٽو ئي پيو ۽ پوءِ چوڪرين ليئا پائي اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ۽ جڏهن کين چيو ويو، تڏهن ٻي انهن سوتين وٽ لاءِ هٽ ٻاهر ڪڍيا. بهرحال، آڳ جاڻي واڻي دور ڪجهه مفاصلي تي ويهي رهيو هوس ۽ محض هٽ ڊگهو ڪري ڏانهن سوتين جا هار جهلي ٻيٺس، تہ جيئن آنهن کي ڪافي ٻاهر نڪرڻ لاءِ مجبور ڪريان، تہ جيئن سون کي پنجرن جي اندرين طرف جاچڻ جو موقعو ملي. منهنجي انهيءَ خواهش هڪ ٻيءَ دشواريءَ کي جنم ڏنو، جيئن تہ انهن چوڪرين کي تيسين زمين تي پير رکڻ جي اجازت ڪانہ هئي، جيسين اهي انهيءَ جاءِ اندر بند هيون. بهرحال، کين سوتين وٽ جي مرضي هئي ۽ ان ڪري پوڙهيءَ عورت کي ٻاهر وڃي ڪائين ۽ بانس جي لکڑن جا گهٽيئي ٽڪر جمع ڪري آڻڻا پيا، جن کي هن زمين تي رکيو ۽ پوءِ هڪ چوڪريءَ: وٽ وڃي، ڪيس هٽ ڏيئي هيٺ لاڙو ۽ ڪاڻيءَ جي هڪ ٽڪر کان پئي تي گهمائيندي ويئي، تانجو هوءَ سوتين وٽ لاءِ، جي آڳ هن لاءِ هٽ ۾ جهلي ويئو هوس، ڪافي ويجهو اچي پهتي. پوءِ آڳ اتان اٽي، انهيءَ پنجري جي اندرين حصي جو معائنو ڪرڻ لاءِ ويس، جنهن مان اها تازو ٻاهر نڪتي هئي، ۽ اندرين فضا ايتريقدرگرم ۽ ساه گهٽيندڙ هئي، جو آڳ مشڪل سان ان ۾ منهن اندر ڪري سگهيس. اندروني حصو صاف هو ۽ ان ۾ بانس جي لکڑن جي ٿورن ٽڪرن کان سواءِ، جي پاڻيءَ جي برتن رکڻ لاءِ ڪم آندا ويندا هئا، ٻيو ڪجهه نہ ڪونہ هو. منجهس فقط چوڪريءَ جي ويهڻ يا ڏونڍاڙيءَ حالت ۾ بانس جي لکڑن جي فرش تي ليٽڻ جي جاءِ بس هئي ۽ جڏهن دروازا بند ڪيا ويندا هئا، تڏهن پنجري اندر مڪمل يا ڏاڍي گهٽ اونده هوندي هئي. چوڪرين کي ٽالهيءَ يا ڪاٺ جي پيالي ۾، جو هر هڪ پنجري جي قريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو ويندو آهي، هٽ يا منهن ڏوئڻ لاءِ پنڇري جي دروازي تائين اچڻ جي اجازت ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن کي لاءِ ٻاهر نڪرڻ نه ڏنو ويندو آهي. چون ٿا ته انهن کي تمام گهڻو پگهر ايندو آهي. ڪين انهن ساه گهٽيندڙ پنڇرن اندر انهيءَ وقت وڌو ويندو آهي، جڏهن اهي بلڪل ننڍيون هونديون آهن ۽ ڪين انهن ۾ تيستائين رمڻو پوندو آهي، جيستائين اهي بلڪل جوان عورتون ٿين، جڏهن ڪين ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي ۽ انهن لاءِ شاديءَ جي هڪ محفل رچائي ويندي آهي. انهن مان هڪ ڇوڏهن يا پندرهن سالن جي ڇوڪري هٿي جنهن لاءِ سردار اسان کي ٻڌايو ته اها پنجن سالن کان وٺي پنڇري اندر بند هئي، پر هينئر ڪيس جلد ئي ٻاهر نڪرڻو آهي. باقي ٻه ٻيون ڪل اٽڪل ڏهن سالن جون هيون ۽ ڪين اڃا گهڻن سالن تائين اتي رهڻو آهي".

برٽش نيوگنيءَ جي ڪابڊي ضلعي ۾، سردارن جي ڊيڄرن کي، جڏهن اهي اٽڪل ٻارهن يا تيرهن سالن جي چمار جون هونديون آهن، ٻن يا ٽن سالن تائين گهرن اندر بند رکيو ويندو آهي ۽ ڪين ڪنهن به ٻهاني گهر کان هيٺ لهڻ نه ڏنو ويندو آهي. گهر کي ايتريقدر ڏکيو ويندو آهي، جو سڄ ۾ انهن مٽان چمڪي ڪونه سگهندو آهي". اتر نيوگنيءَ جي ساحل تي ٻن همساين ۽ هڪ نسل وارن قبيلن، "يابيم" ۽ "بوڪائوئا" ۾، بالغ ٿيڻ وقت ڇوڪريءَ کي پنجن يا ڇهن هفتن تائين گهر جي ڪنهن اندروني حصي ۾ تنها رکيو ويندو آهي، پر ڪيس زمين تي ويهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي، ته مٽان سندس پليتي ان کي ڇهڻي ٻوي، جنهنڪري سندس ويهڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ بند اتي رکيو ويندو آهي. ان کان علاوه، ڪيس پيرن سان زمين کي ڇهڻ کان به منع ٿيل هوندي آهي. چنانچه، جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ٽوري وقت لاءِ گهر ڇڏڻ واسطي مجبور ٿيندي آهي، تہ ڪيس تڏن اندر ويڙهيو ويندو آهي ۽ هوءَ ناريل جي ٻاهرينءَ کل جي پن اڏن مٿان گهمندي آهي، جي سندس پيرن سان ڪن ولين جي ريشن ذريعي بوٽ وانگر ٻڌا ويندا آهن. بورنيو جي "اوٽ ڊئنوم" قبيلي ۾ چوڪرين کي اڻ ڏهن سالن جي عمر ۾ گهر جي ڪمري يا ڪوٺيءَ اندر بند ڪيو ويندو آهي ۽ ڪين ٻاهرينءَ دنيا جي هرهڪ صحبت کان ڪافي گهٽي عرصي تائين منقطع ڪيو ويندو آهي. اها ڪوٺي، گهر جي ٻيءَ جاءِ وانگر لڪڙن تي مٽي ٻيٽل هوندي آهي ۽ منجهس هڪ ننڍڙيءَ دريءَ رستي، جا ڪنهن ويران طرف ڏانهن کلندي آهي، ٽوري گهٽي روشنائي ويندي آهي، جنهنڪري چوڪري ذري گهٽ مڪمل اونداهيءَ ۾ رهندي آهي. ڪيس ڪنهن ٻ ٻهاني، حتيٰ ڪ انتهائي ضروري حاجتن لاءِ ٻ ٻ ڪوٺي کان ڇڏڻي هوندي آهي. سندس ڪتب مان ڪنهن کي ٻ انهيءَ سڄي عرصي تائين، جيسين اها بند هوندي آهي، ڪيس ڏسڻ جي اجازت کان هوندي آهي، پر فقط هڪ ٻانهيءَ کي سندس خدمت لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي. تنهائيءَ جي قيد جي دوران ۾، جو گهٽو ڪري ستن سالن تائين هوندو آهي، هوءَ ڏڻ آڻڻ يا ٻيءَ ڪنهن دستڪاريءَ ۾ پنهنجو وقت صرف ڪندي آهي. گهٽي عرصي تائين ورزش جي عدم موجودگيءَ سبب سندس جسماني واڌارو روڪجي ويندو آهي ۽ جڏهن پوريءَ زال ٿيڻ وقت ڪيس ٻاهر آندو ويندو آهي، تڏهن سندس چهرو زرد ۽ ميڙ وانگر هوندو آهي. هينئر ڪيس سڄ، ڏرتي، پاڻي، وڻ ۽ گل اڪثين ڏيکاريا ويندا آهن، جڏ تہ هن ٿوڻ جنم ورتو هوندو آهي. ٻوءَ هڪ وڏي محفل منعقد ڪئي ويندي آهي، هڪ غلام قتل ڪيو ويندو آهي. ۽ ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت چوڪريءَ کي ڏڪيو ويندو آهي. "سيرام" ۾ اڳئين زماني ۾ بالغ ٿيڻ وارين چوڪرين کي هڪ جھوپڙيءَ اندر رهايو ويندو هو ۽ اها جھوپڙي اونداهي رکي ويندي هئي. ڪنولين پيڻ مان "يٽپ" نالي هڪ پيٽ ۾، جيڪڏهن ڪنهن چوڪريءَ کي عام رستي تان گھمندي پهرين ماهواري اچيويندي آهي تہ ان صورت ۾ ڪيس هيٺ ڏرتيءَ تي نہ ويهڻو هوندو آهي، پر ڪيس ناريل جي وڻ جي ڪل لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن کي عرض ڪرڻو پوندو آهي، جنهن کي اها پنهنجي هيٺان رکندي آهي. پوءِ ڪيس گھڻن ڏينهن تائين سندس والدين جي گھر کان دور هڪ ننڍيءَ جھوپڙيءَ ۾ بند ڪيو ويندو آهي ۽ بعد ۾ هڪ سو ڏينهن تائين اهڙن خاص گھرن مان هڪ ۾ رهڻو پوندو آهي، جيڪي ماهواريءَ وارين عورتن لاءِ رکيل هوندا آهن.

ٽورس پيڻ مان "مابوٽياگ". نالي هڪ پيٽ ۾ جڏهن چوڪريءَ ۾ بلوغت جون علامتون ظاهر ٿيندڙون آهن، تڏهن گھر جي هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ڪانڊيرن جو هڪ گول چڪر لاهيو ويندو آهي. اتي هوءَ ڪلهن جي پٽن، پانهن جي ڪنگڻ، گوڏن کان ٽورو هيٺ پروٽنگن جي ڪڑين ۽ مُرن جي جھانجھرن سان سينگاريل، مٿي تي گلن سان سينگاريل هڪ پٽي ٻڌي، ڪنن ۾، چاتيءَ تي ۽ پٽيءَ تي ڪوڏن جا زيور پائي، انهن ڪانڊيرن جي وچ ۾ پلٽي ماري وڃي ويهندي آهي، جن کي سندس چوڌاري ايتري قدر بلند ڪيو ويندو آهي، جو اُن مان هن جو فقط مٿو ظاهر هوندو آهي. تنهائيءَ جي انهيءَ حالت ۾ ڪيس ٻي مهينا ڪاٽڻا پوندا آهن. انهيءَ سڄي عرصي جي دوران ۾ مٿس سج جي روشني نہ پوڻ گھرجي، پر رات جي وقت ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھوپڑيءَ مان ترکي نڪري وڃي ڏنو ويندو آهي ۽ انهن کانڌيرن کي، جي ڪيس لوڙهي وانگر پنهنجي اندر بند ڪري رکندا آهن، تبديل ڪيو ويندو آهي. ڪيس پاڻ ڪائڻ يا کاڏي کي هٽ لائڻ ڪونہ ڏنو ويندو آهي، پر ہ پوڙهيون زالون، سندس ماسيون، جن کي سندس حفاظت لاءِ خاص طرح مقرر ڪيو ويندو آهي، ڪيس پنهنجن هٿن سان کارائينديون آهن. انهن عورتن مال هڪ چٽي هن لاءِ پيلي ۾ هڪ خاص طور ٻاريل باه مٿان کاڏو پچائيندي آهي. چوڪريءَ کي انهيءَ موسم ۾، جڏهن ڪُميون آنا ڏينديون آهن، ڪُميون يا ڪُميون جي آڻن ڪائڻ کان منع ٿيل هوندي آهي، پر پاڇيءَ جي ڪنهن ہ کاڏي ڪائڻ کان ڪيس منع ڪانہ ڪئي ويندي آهي. ڪنهن ہ ماڻهوءَ، خود سندس پيءُ کي ہ، گهر اندر اچڻ جي تيسين اجازت ڪانہ هوندي آهي، جيسين سندس تنهائيءَ جو عرصو هلندو آهي، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن سندس پيءُ ڪيس انهيءَ وقت ڏسي وڌو، تہ هن کي مڇيءَ مارڻ ۾ بدبختي نصيب ٿيندي ۽ ان کان هڪ دم پوءِ جيڪڏهن هو پيڙيءَ ۾ مڇي مارڻ ويو هوندو، تہ هن ٻالهہ جو وڏو امکان رهندو تہ هو پهرين ئي دفعي پنهنجي پيڙي پڇي وڃهندو. ڻن مهينن پچاڻا ڪيس سندس خدمتگارڻيون ملي پاڻيءَ جي چَرَ ڏانهن ڪٽي ويندين آهن ۽ هوءَ سندن ڪلهن کي اهڙيءَ طرح چنبڙي لٽڪي پوندي آهي، جو هن جا پير زمين کي نہ لڳندا آهن ۽ قبيلي جون ٻيون زالون سندس چوڌاري گول گهيرو ٺاهي، ڪيس ڪناري تائين پهچائيندیون آهن. ڪناري وٽ پهچي اهي سندس سڀ زيور لاهيندیون آهن ۽ جيڪي عورتون ڪيس ڪٽي اڌي پهچائيندیون آهن، سي ان سميت ٽاپا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کائينڊ يون پاڻيءَ ۾ لهي ويندڙ آهن، جتي اهي کيس پاڻيءَ ۾ غوطا کارائيندڙ آهن ۽ پيون سڀ عورتون چوڪريءَ ۽ سندس حمالن مٿان پاڻيءَ جي چنڊن هڻن ۾ شريڪ ٿيندڙ يون آهن. جڏهن اهي پاڻيءَ کان ٻاهر ايندڙون آهن ۽ تڏهن خدمتگارن مان هڪ ڇٽي گاه جو هڪ ڊير ٺاهيندي آهي، جنهن تي سندس حفاظت هيٺ رکيل چوڪري ويهندي آهي. ٻي خدمتگار ڊوڙندي ڪناري وارين ٽڪرين ڏانهن ويندي آهي، جتي اها هڪ ننڍڙو ڪيڪڙو ڦاسائيندي آهي، جنهن جا اها چنبا پٽي ڇڏندي آهي، جن کي ساڻ کڻي اها وري ٻ پاڻيءَ جي ڇر ڏانهن تيز قدميءَ سان ويندي آهي. هتي وري، انهيءَ وچ ۾ ٻاهر ٻاري ويندي آهي، جنهن جي مٿان اهي چنبا ڇڄايا ويندا آهن ۽ پوءِ اهي خدمتگار عورتون چوڪريءَ کي اهي ڪل چنبا کارائيڊيون آهن. بعد ۾ کيس ازسرنو سينگاريو ويندو آهي ۽ سجي ڊولي هڪ قطار جي صورت ۾ واپس ڪوٺ ويندي آهي. اها چوڪري ٻنهنجين ٻن پوڙهين ڀڳين جي وچ ۾ هلندي آهي، جي کيس سندس هٿن جي ڪراين کي پڪڙي هلنديون آهن. سندس ڀڳين جا منڊ هيٺر ان جو استقبال ڪندا آهن ۽ کيس انهن سان هڪ جي گهر اندر وٺي ويندا آهن، جتي سيٽي ڇٽا ڪاڏي ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ هڪ دفعو ٻيهر چوڪريءَ کي دستوري طريقي سان ڪائڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي. ان کان پوءِ ناچ ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ چوڪري نمايان حصو وٺندي آهي ۽ ٻنهي ڀڳين جي منڊن جي وچ ۾ نچندي آهي، جي سندس تنهائيءَ واري زماني ۾ سندس نگران هٿا.

اتر ڪئينسائنڊ ۾ يارڪ پينشولا وٽ آباد "ياراتيڪنا"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالي هڪ قبيلي ۾، جيو وڃي ٿو، بالغ ٿيڻ وقت چوڪريءَ کي هڪ مهيني يا ڇهن هفتن تائين پنهنجي سر رهڻو پوندو آهي ۽ کوپ مرد کيس نہ ڏسي سگهندو آهي، حالانڪ هر عورت کيس ڏسي سگهندي آهي. هوءَ هڪ خاص طور ٺاهيل جهوپڙيءَ يا سَنَهن هيٺان رهندي آهي، جتي اها سڏي ٿي، ساکت ۽ جامد پيئي رهندي آهي. هن کي سڄ ڏسڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي ۽ سڄ غروب ٿيڻ وقت کيس پنهنجيون اکيون بند ڪرڻيون پونديون آهن، نہ تہ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ سندس نڪ روڪي ٿي پوندو. پنهنجيءَ تنهائيءَ جي دوران ۾ کيس ڪا به اهڙي چيز ڪائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي، جا لوٽيائي پاڻيءَ ۾ رهندڙ هجي، نہ تہ کيس نانگ ساري وڃندو. هڪ پوڙهي عورت سندس خدمت ڪندي آهي ۽ کيس پاڙون، "يئم" ميوو ۽ پاڻي ڏيندي رهندي آهي. آسٽريليا جون چند قومون پنهنجين چوڪرين کي اهڙيءَ موسم ۾ ٽورو يا گهٽو هيٺ زمين اندر دفن ڪرڻ جون عادي آهن، جو شايد کين سڄ جي روشنيءَ کان لڪائڻ لاءِ ائين ڪيو ويندو آهي.

ڪئليفورنيا جي هندستانين ۾ چوڪريءَ کي پهرينءَ ماهواريءَ اچڻ وقت "خاص درجي جي هڪ فوق‌الفطري قوت جي مالڪياڻي سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي هميشه مڪمل طور نہ ليت يا خرابي پيدا ڪندڙ نہ سمجهيو ويندو هو. بهرحال، گهٽن وقتن ٿي، هي زبردست احساس موجود هوندو هو تہ چوڪريءَ اندر انهيءَ حالت ۾ برائيءَ جي قوت سمايل هوندي هئي. کيس نہ فقط سندس خاندان ۽ قبيلي کان گوشہ نشين ڪري رکيو ويندو هو، پر کيس سڄيءَ دنيا کان پڻ دور رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. سندس مٿان جيڪي حڪم انتهائي سختيءَ سان عائد ڪيا ويندا هئا، تن مان هڪ هيءَ هوندو هو ته هوءَ پنهنجي آس پاس نہ ڏسي. هوءَ پنهنجو ڪنڌ جهڪائي هيٺ رکندي هئي ۽ ڪيس سج ۽ هن دنيا جي هر هڪ شيءَ کي ڏسڻ کان منع ٿيل هوندي هئي. کي قبيلا ڪيس ڪٽي سان ڏيکيندا هئا. هن باري ۾ جيڪي رسمون مروج آهن، سي گهٽين ڳالهين ۾ اتر پسفڪ جي ڪناري جي واقع علائقن جي ماڻهن جي رسمن سان زبردست مشابهت رکنديون هيون، جهڙوڪ چوڪريءَ کي پنهنجي هٿ سان مٿي کي ڇهڻ يا ڪنهن کان منع، ڇو ته انهيءَ ڪم لاءِ ڪيس خاص قسم جو هڪ اوزار مهيا ڪيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اها فقط پرائي هٿان ڪائي سگهندي هئي ۽ ڪن حالتن ۾ بلڪل ئي روزو رکندي هئي."

چينوڪ قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين ۾، جي واشنگٽن رياست جي ساحل تي آباد هئا، جڏهن سردار جي ڏيءَ بالغ ٿيندي هئي، تڏهن ڪيس پنجن ڏينهن تائين ماڻهن جي نظرن کان لڪايو ويندو هو. هن کي ماڻهن ۽ آسمان کي ڏسڻ ۽ ٻيرن پٽڻ جي اجازت ڪانہ هئي. ماڻهن جو اعتقاد هو ته جيڪڏهن هوءَ آسمان ڏانهن نهاريندي ته آب و هوا خراب ٿيندي، جيڪڏهن اها ٻير پٽيندي، ته برسات پوندي، ۽ جڏهن هوءَ "سيدار" وڻ جي چوڏن مان ٿيل پنهنجو ٽوال "اسپروس" وڻ تي رکندي، تڏهن اهو وڻ سڪي سڙي ويندو. هوءَ هڪ جدا دروازي مان گهر کان باهر ويندي هئي ۽ هڪ اهڙيءَ جڳهه جي پاڻيءَ ۾ وهجندي هئي، جا ڪوٺ کان تمام دور هوندي هئي. گهڻن ڏينهن تائين هوءَ فاقيو ڪيندي هئي ۽ ايتري وڌيڪ ڏينهن تائين تازو پڪل کاڌو نہ کائيندي هئي.

وٺڪوور ٻيٽ جي "آهٽ" يا "نوٽڪا" قبيلي جي ڳاڙهن هندستانين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جڏهن چوڪريون سن بلوغت کي پهچنديون آهن، تڏهن کين گهر اندر هڪ جدا گنڀريءَ ۾ رکيو ويندو آهي ۽ اتي تڏن سان کين مڪمل طور ويڙهيو ويندو آهي، ته جيئن کين سج ۽ ٻاهه نظر نه اچي سگهي. انهيءَ پنجري ۾ آهي گهڻن ڏينهن تائين رهندڙون آهن. کين پيئڻ لاءِ پاڻي ڏنو ويندو آهي، پر کوڙ کاڏو نه. جيئن کا چوڪري انهيءَ تنهائيءَ ۾ زياده عرصو گذاريندي، تيئن سندس والدين جي زياده عزت سمجهي ويندي، پر جيڪڏهن اهو معلوم ٿي ويو ته هن زالپٽي ۾ قدم رکڻ واريءَ انهيءَ آزمائش جي دوران ۾ ٻاهه يا سج تي نظر وڌي هئي، ته سڄيءَ عمر تائين اها خوار و خراب رهندي." جن ڇوڪرين پٽيان هوءَ لکي ويهندي آهي، تن جي متان ڏندڪتائن واري گجگوڙ جي پکيءَ جون تصويرون چاپيون ويندڙون آهن. پنهنجي تنهائيءَ واري عرصي جي دوران ۾ کيس نه چرڻو پرڻو هوندو آهي ۽ نه ليڻ جي اجازت هوندي اٿس، پر کيس هميشه پلٽي ماري ويهڻ جو حڪم هوندو آهي. هن کي پنهنجن هٿن سان وارن کي ڇهڻ جي اجازت به کان هوندي آهي، پر کيس ڦٽيءَ يا هڏي جي ڪنهن ٽڪر سان مٿي کي کنهڻ جي اجازت هوندي آهي، جي کيس انهيءَ مقصد لاءِ خاص طور مهيا ڪيا ويندا آهن. کيس پنهنجي بدن کي کنهڻ کان به منع ڪيل هوندي آهي، جو ائين سمجهيو ويندو آهي ته هر دفعي کنهڻ سان سندس بدن تي هڪ ليڪو رهجي ويندو. بلوغت ۾ قدم رکڻ کان وٺي اڻ مهينن تائين، کيس تازو کاڏو، خاص طور "سالمن" مڇي، کائڻو کوڻ هوندو آهي. تنهن کان سواءِ، کيس اڪيلو کائڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي استعمال جو پيالو ۽ ٿالهي به الڳ رکڻي پوندي اٿس.

برٽش کولمبيا جي "سيٽسات" قبيلي ۾، هڪ چوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سن بلوغت کي پهچڻ وقت چمڙي جو هڪ وڏو ٽوپلو پائيندي آهي، جو سندس چهري کان هيٺ لٽل هوندو آهي. اهو ٽوپلو کيس سڄ جي گرميءَ کان محفوظ رکندو آهي. عام اعتقاد هيءَ آهي ته جيڪڏهن هوءَ سڄ يا آسمان جي سامهون منهن اگهاڙو کندي، ته مينهن وسندو. ٽوپلو سندس شڪل کي باهر کان به بچائيندو آهي. اهو ٽوپلو سندس چمڙيءَ کي نه لڳڻ گهرجي. پنهنجي هٿن کي محفوظ رکڻ لاءِ هوءَ ٽيهليءَ جهڙا دستانا پائيندي آهي. پنهنجن ڏندن کي پوري ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ، هوءَ وات ۾ ڪنهن نه ڪنهن جانور جو هڪ ڏند رکي گهمندي آهي. سڄي سال تائين کيس تيسين رت نه ڏسڻو هوندو آهي، جيسين سندس منهن ڪارو نه ڪيو ويندو آهي، نه ته هيءَ صورت ۾ هوءَ انڊي ٽي پوندي آهي. هن سالن تائين هوءَ اهو ٽوپلو پائيندي آهي ۽ هڪ جدا جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهي، حالانڪ کيس پين ماڻهن سان ملڻ جي اجازت هوندي آهي. هن سالن جي خاتمي وقت، هڪ مرد سندس ٽوپلو اچي لاهيندو آهي، جنهن کي هو دور اڇلائي ڇڏيندو آهي. برٽش ڪولمبيا جي "بيل ڪيولا" يا "بيلا ڪولا" قبيلي ۾، جڏهن ڪا چوڪري بالغ ٿيندي آهي، تڏهن کيس هڪ مٽهن هيٺان رهڻو پوندو آهي، جو سندس بستري جي ڪمري جو ڪم ڏيندو آهي ۽ جتي کيس هڪ عاجده چلهه ڏنل هوندي آهي. کيس گهر واريءَ جاءِ جي مکيه حصي ڏانهن هيٺ لهڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي ۽ نه وري هوءَ گهر جي هين پاتين جي استعمال ٽيڻ واريءَ باهر جي قريب ويهي سگهندي آهي. چئن ڏينهن تائين کيس ويهڻ واريءَ حالت ۾ ساڪت رهڻو هوندو آهي. هوءَ ڏينهن جي دوران ۾ روزو رکندي آهي، ۽ صبح جو تمام سوير کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورو ڪاڏو پيتو ڏنو ويندو آهي. جئن ڏينهن ڪان پوءِ هوءَ پنهنجي ڪوٺي چڏي سگهندي آهي، پر سو به فرش ۾ هڪ خاص ڪليل جاءِ مان، چو ته انهيءَ علائقي ۾ گهرن جون جايون لڪڻ مٽان بيهاريل هوندڙون آهن. پر اڄا به ڪيس گهر جي مکيه ڪوٺيءَ اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. گهر چڏڻ وقت هوءَ هڪ وڏو ٽوپلو استعمال ڪندي آهي، جو سندس شڪل ڪي سڄ جي شعاعن ڪان محفوظ رکندو آهي. عام اعتقاد هيءَ آهي ته جيڪڏهن سڄ سندس منهن تي چمڪندو، ته هن جي اکين کي نقصان پهچندو. ٽڪرين تان هوءَ پلي ته پير ميڙي، پر ڪيس انهيءَ سڄي عرصي تائين درياه يا سمنڊ جي نزديڪ وڃڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. جيڪڏهن هوءَ تازي "سالمن" مڇي ڪائي وجهندي آهي ته هوش و حواس وڃائي ويهندي آهي، يا سندس وات پکيءَ جي چهنب جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

آلا سڪا جي "ٽلنگيٽ" (ٽلنڪيٽ) يا "ڪولوش" قبيلن جي ڪاڙهن هندستانين ۾، جڏهن ڪا چوڪري زالپڻي جوڳ علامتون ظاهر ڪندي هئي، تڏهن ڪيس هڪ جهوپڙيءَ يا پنجري ۾ بند ڪيو ويندو هو، جو هوا جي هڪ ننڍڙي سوراخ ڪان سواءِ، سڄو بند ٽيل هوندو هو. انهيءَ اونداهي ۽ گندي قيامگاه ۾ ڪيس بنان ڪنهن باهر، بنان ڪنهن ورزش ۽ بنان ڪنهن سائيءَ جي سڄي سال تائين گذارڻو هوندو هو. فقط سندس ماءُ ۽ هڪ ٻانهي ڪيس ڪاڏو پهچائي سگهنديون هيون. سندس ڪاڏو هڪ ننڍڙيءَ دريءَ وٽ رکيو ويندو هو، ڪيس اڇي مڻي واري عقاب جي پَر واري پوري هڏي وڃان پاڻي پيئڻو پوندو هو. سندس تنهائيءَ جو عرصو، بعد ۾ ڪن هنڌن تي ڇهن مهينا يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي مهينا يا اڃا ٻ گهٽ ڪيو ويو. ڪيس ڏ گهن پاسن وارو هڪ ٽوپلو پائڻو پوندو هو، تہ جيئن سندس نظرون آسمان ڪي پليت تہ ڪن، چو تہ ڪيس ان قابل نہ سمجهيو ويندو هو تہ سڄ جا شعاع مٿانئس پون. هيءَ ٻ خيال ڪيو ويندو هو تہ سندس هڪ نظر شڪاريءَ، ماهيگير يا جوئاريءَ جي تقدير خراب ڪري وجهندي، سيني شين ڪي پنڌ پهڻ ڪري چڏيندي يا پيون ڪي آفتون نازل ڪنديءَ. سندس تنهائيءَ واري قيد جي پوري ٿيڻ تي، هن جا پراٽا ڪپڑا ساڙيا ويندا هئا، هڪ نئون جوڙو تيار ڪيو ويندو هو ۽ هڪ دعوت ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ سندس وات جي سڏائيءَ ۾، هيٺين چپ هيٺان هڪ نڍو چير ڏنو ويندو هو، جنهن ۾ ڪائيءَ جو ٽڪر يا ڪوڏي داخل ڪئي ويندي هئي، تہ جيئن اهو قات هميشہ ڪليل رهي. آلاسڪا جي ايسڪيمو نسل وارن جي "ڪونيٽاگ" قبيلي ۾ سن بلوغت ۾ پهچڻ وقت چوڪريءَ کي هڪ علحده جهوپڑيءَ اندر رکيو ويندو هو، جتي ڪيس ڇهن مهينن تائين هٿن ۽ پيرن ۾ بيهڻو پوندو هو. ان ڪان پوءِ جهوپڑيءَ کي ٽوڙو وڏو ڪيو ويندو هو، تہ جيئن هوءَ پڻي سڏي ڪري سگهي. ۽ انهيءَ حالت ۾ ٻ هن کي وڏيڪ ڇهہ مهينا گذارڻا پوندا هئا. انهيءَ سڄي عرصي جي دوران ۾ ڪيس هڪ ناپاڪ چيز سمجهيو ويندو هو، جنهن سان ڪنهن کي ٻ گفتگو ڪرڻ جي اجازت نہ ڪا هوندي هئي.

جڏهن ڪنهن چوڪريءَ ۾ بلوغت جون پهريون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳنديون هيون، تڏهن ڏکڻ برازيل جي "گارائي" قبيلي وارا، جي پيراگئي جي سرحدن وٽ آباد هئا، ڪيس سندس چولي ۾ سڀي چڏيندا هئا، جنهن ۾ فقط هڪ نڍو سوراخ سندس ساهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کڻڻ لاءِ چڏيندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾، جنازي سان گڏ ويڙهيل سيڙهيل، ڪيس ۾ يا ڪن ڏينهن يا ايتري وقت تائين رکيو ويندو هو، جيستائين اهي علامتون ظاهر رهنديون هيون ۽ انهيءَ عرصي جي دوران ۾ ڪيس تمام سختيءَ سان قاقيو ڪيڏو پوندو هو. ان کان پوءِ هن کي هڪ پوڙهيءَ محافظ عورت جي سپرد ڪيو ويندو هو، جا چوڪريءَ جا وار وڌي چڏيندي هئي ۽ ڪيس تاڪيد ڪندي هئي ته هوءَ تيسين هر قسم جي گوشت کائڻ کان سخت پرهيز ڪري، جيسين سندس وارن جي ڏيگهه ايتري ٿئي، جو هن جا ڪن انهن سان ڍڪجي وڃن. ساڳئي حالتن ۾ ڏکڻ-اوپر بوليويا جي "چيريگانو" قبيلي جا ڳاڙها هندستاني چوڪريءَ کي چولي ۾ بند ڪري، چت ۾ لٽڪائي چڏيندا هئا، جتي هوءَ هڪ مهيني تائين رهندي هئي، ٻئي مهيني ۾ چولي کي چت کان اڌ تائين هيٺ لاٿو ويندو هو ۽ ٽئين مهيني ۾ پوڙهيون عورتون لڻين سان مسلح ٿي، جهوپڙيءَ اندر داخل ٿينديون هيون ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙنديون، هر اهڙيءَ شيءَ کي ڏسڻ ڪينديون هيون، جا سندن آڏو ايندي هئي ۽ چونديون هيون ته اهي انهيءَ نانگ کي تلاش ڪري رهيون هيون، جنهن انهيءَ چوڪريءَ کي زخمي ڪيو هو.

"مئٽاڪو" يا "مئٽاگايو" ۾، جو گران چاڪو جي علاقي ۾ آباد ڳاڙهن هندستانين جو هڪ قبيلو آهي، چوڪريءَ کي بالغ ٿيڻ وقت ڪجهه عرصي تائين گوشه نشيني اختيار ڪرڻي پوندي آهي. هوءَ پنهنجو جسم وڻ جي ڏارين يا ڪن پين شين سان ڍڪي، جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ پيئي هوندي آهي، نه ڪنهن سان ڳالهائيندي آهي ۽ نه انهيءَ عرصي جي دوران ۾ هوءَ ڪنهن به قسم جو گوشت يا مڇي کائيندي آهي. انهيءَ دوران ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ماڻهو انهيءَ جهوپڙيءَ جي سامهون دهل وڄائيندو رهندو آهي. "يوراڪيئر" ۾، جو مشرقي بوليويا جي ڪاڙهن هندستانين جو هڪ قبيلو آهي، جڏهن ڪا چوڪري پاڻ ۾ بلوغت جون علامتون ڏسندي آهي، تڏهن سندس پيءُ پنهنجي گهر پرسان ڪجيءَ جي پنن مان هڪ ننڍڙي جهوپڙي ٺاهيندو آهي. انهيءَ ڪوڙيءَ اندر هو پنهنجيءَ ڌيءَ کي بند ڪندو آهي، جتي هوءَ چئن ڏينهن تائين سختيءَ سان روزو رکي. پنهنجو وقت گذاريندي آهي.

برٽش گائنا جي "ميڪيوسس" قبيلي ۾، جڏهن ڪا چوڪري بلوغت جون پهريون علامتون ظاهر ڪندي آهي، تڏهن ڪيس هڪ چولي ۾ بند ڪري، جهوپڙيءَ جي سڀ کان زياده اوچي هنڌ لٽڪايو ويندو آهي. پهرين ڪجهه ڏينهن تائين ڪيس انهيءَ چولي کان ڏينهن ڏڪي جو ٻاهر نه نڪرڻو هوندو آهي، پر رات جو ڪيس هيٺ لهي، ٻاهه ٻاري، سڄي رات ان جي پرسان ويهي گذارڻ ضروري هوندو آهي، نه تہ پيءَ صورت ۾ سندس ڪچيءَ ۽ بدن جي پين حصن جي سڄيءَ چمڙيءَ تي ڪوڙها ٽڪري پوندا. بلوغت جون علامتون جيستائين پنهنجي عروج تي هونديون آهن، تيستائين چوڪريءَ کي ڏاڍيءَ سختيءَ سان روزو رکڻو پوندو آهي. جڏهن انهن علامتن ۾ ڪجهه ڪمي ايندي آهي، تڏهن هوءَ هيٺ لهي ايندي آهي ۽ گهر اندر هڪ ننڍي ڪمري ۾ قيام ڪندي آهي، جو جهوپڙيءَ جي اونداهي حصي ۾ خاص طور سندس لاءِ ٺاهيو ويندو آهي. صبح جو ڪيس پنهنجي ڪاڏي پڇائڻ جي اجازت هوندي آهي، پر ان لاءِ ڪيس جدا ٻاه ٻارڻي هوندي آهي ۽ برتن ۽ پنهنجو استعمال ڪرڻو هوندو آهي. انڪل ڏهن ڏينهن کان پوءِ قبيلي جو جادوگر وٽس ايندو آهي ۽ ڪجهه جنترمنتر پڙهي، چوڪريءَ ۽ گهر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کن اهڙين قيمتي چيزن سڄان دم ٿوڪيندو آهي، جن سان اها چوڪري لهه وچڑ ۾ آئي هوندي آهي. جادوءَ جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ ڏيگڙا ۽ پاڻيءَ پيئڻ جا اهي برتن، جيڪي چوڪريءَ استعمال ڪيا هوندا آهن، ٽوڙيا ويندا آهن ۽ انهن جا پرزا دفن ڪيا ويندا آهن. پهرئين غسل کان پوءِ، چوڪريءَ کي پنهنجي ماءُ جي هڏان سڏهن جهن سان مار کائڻي پوندي آهي ۽ اُنهيءَ مار جي دوران ۾ ڪيس کا دانهن يا ڪوڪ ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. ٻئي عرصي جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ۽ وري ڪيس هڪ مار کائڻي پوندي آهي، پر ان کان پوءِ، نه. هاڻي هوءَ "پاڪ" ٿي پوندي آهي ۽ پين ماڻهن سان ملي سگهندي آهي. گائنا جا ٻيا ٻاڙها هندستاني، چوڪريءَ کي چولي اندر بند ڪري، جهوڙيءَ جي سيني کان زياده بلند جاءِ تي هڪ مهيني تائين لٽڪائي رکڻ کان پوءِ، ان کي هڪ اهڙي قسم جي وڏين ماکوڙين کان چڪ پارائيندا آهن، جن جو چڪ تمام ڏکوئيندڙ هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ماکوڙين جي چڪن کان علاوه، چوڪريءَ کي رات ڏينهن ايتري عرصي تائين فاقيو ڪيڏو پوندو آهي، جيسين اها پنهنجي چولي اندر مٽي لٽڪيل هوندي آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي، تہ هوءَ جڏهن هيٺ لهندي آهي، تڏهن سڪي هڏن جو پنجرو ٿي ويندي آهي.

جڏهن کا هندو دوشيزه بالغ ٿيندي آهي، تڏهن ڪيس ڇڻ ڏينهن تائين اونداهيءَ ڪوٺيءَ اندر بند رکيو ويندو آهي ۽ ان کي سج ڏسڻ کان منع هوندي آهي. ڪيس ناپاڪ سمجهيو ويندو آهي، ڪوبہ ڪيس هٿ سان ڪونہ ڇهندو آهي. سندس غذا لوڻ کان سواءِ ٻڪريل جانورن، کير، کنڊ، ڏهيءَ ۽ گدامڑيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين محدود هوندي آهي. پنجين ڏينهن جي صبح جو، هوءَ پنجن اهڙين عورتن جي همراه ۾ واري تلاءَ تي ويندي آهي، جن جا مڙس اڃا جيئرا هوندا آهن. سيئي چٽيون پاڻ کي ميٽ ٿڦي، غسل ڪنديون آهن ۽ گهر موٽنديون آهن. رستي ويندي آهي پنهنجو تڏو ۽ ٻيون اهڙيون شيون اڇلائينديون ويندیون آهن، جي ڪوئيءَ ۾ موجود رهيون هونديون آهن. بينگال جا "راڙهي" برهمڻ پنهنجيءَ چوڪريءَ کي بالغ ٿيڻ وقت تنها رهڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن ۽ ڪيس ڪنهن به مرد جي منهن ڏسڻ جي اجازت ڪانه ڏيندا آهن. ان ڏينهن تائين ڪيس اونداهيءَ ڪوٺيءَ اندر بند رهي، پراشچت ڪرڻو هوندو آهي. مچيءَ، ماس ۽ مڻائيءَ واپرائڻ جي ڪيس منع هوندي آهي ۽ جانورن ۽ گيهه، تي گذارڻو پوندو اٿس. ملبار جي "تيان" قوم وارن ۾، چوڪريءَ کي پهرينءَ ماهواريءَ جي اچڻ کان پوءِ چئن ڏينهن تائين پليت سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ عرصي جي دوران ۾ ڪيس گهر جي اترئين طرف رهڻو پوندو آهي، جتي هوءَ هڪ اهڙيءَ ڪوٺيءَ اندر هڪ خاص قسم جي گاهه مان ٺهيل تڏي تي سمهندي آهي، جنهن کي ناريل جي ڪڇڙ پڻ جي هارن سان سينگاريو ويو هوندو آهي. هڪ ٻي چوڪري ساٿس گڏ رهندي ۽ سمهندي آهي، پر ان کي ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ، ون يا ٻوٽي کي هٿ ڪونه لڳائڻو هوندو آهي. ان کان سواءِ، ڪيس آسمان کي ڏسڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي ۽ بدنصيب آهي اها چوڪري، جيڪا ڪنهن ڪانو يا ٻلييءَ کي ڏسي ٿي وڃهي! سندس ڪاڏو تمام سخت قسم جو ويڻنو هوندو آهي، جنهن ۾ لوڻ، مرچ يا گدامڙي استعمال نه ٿيل هوندي آهي. بد روحن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان بچڻ لاءِ کيس هڪ چاقوءَ سان مسلح ڪيو ويندو آهي، جو سندس تڏي تي رکيو هوندو آهي، يا سندس بدن سان گڏ ڇهڻيل رهندو آهي.

ڪئمبوڊيا ۾ بلوغت وقت ڇوڪريءَ کي مڇرداني هيٺان بستري ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، جتي کيس هڪ سو ڏينهن تائين رهڻو پوندو آهي، ۽ عام طرح، چار، پنج، ڏهه، يا ويهه ڏينهن ڪافي سمجهيا ويندا آهن، جيتوڻيڪ اهو عرصو ۽ گرم آب و هوا ۾ مڇرداني جي تهن هيٺان ڪافي حد تائين صبر آزما هوندو آهي. هڪ ٻئي بيان مطابق، ڪئمبوڊيا جي هڪ ڪنواري ڇوڪري، سن بلوغت ۾ قدم رکڻ وقت "پاڇي ۾ داخل ٿيندي" سمجهي ويندي آهي. سندس خلوت جي اهڙي عرصي جي دوران ۾ جو، سندس خاندان جي مرتبي ۽ مان مطابق، ٽورن ڏينهن کان وٺي گهڻن سالن تائين ڪيترو ئي ٽي سگهي ٿو، ڪيس متعدد قاعدن جي پيروي ڪرڻي پوندي آهي، جهڙوڪ کنهن غير آدميءَ کي نه ڏسڻ، ماس يا مڇي نه کائڻ، وغيره. هوءَ ڪيڏانهن ئي نه ويندي آهي، حتيٰ ڪ مندر ڏانهن ئي نه. ۽ تنهائيءَ جي انهيءَ حالت کي چند يا سج گرهڻ جي دوران ۾ ختم ڪيو ويندو آهي، اهڙن موقعن تي هوءَ باهر ويندي آهي ۽ انهيءَ بلا جي پوڄا ڪندي آهي، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اها انهن آسماني شين کي پنهنجن ڏندن جي درميان جهلي، گرهڻون پيدا ڪندي آهي. گرهڻ جي دوران ۾ سندس خلوت جي قانون کي ٽوڙڻ ۽ باهر نڪرڻ جي اجازت مان هيءَ ڳالهه ظاهر ٿيندي معلوم ٿئي ٿي ته انهيءَ حڪم جي ڪيتري قدر نه لفظي معنيٰ ڪيي وڃي ٿي، جيڪو بالغ ٿيندڙ ڪنوارين ڇوڪرين کي سڄ تي نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهڻ کان منع ڪري ٿو.

ايتري قدر دور دور تائين ڦهليل هڪ اهڙي وهم ۾ جهڙوڪ هيءَ آهي، اها اميد رکي سگهجي ٿي ته انهيءَ ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ- آکاڻين ۾ پنهنجا نشان ضرور ڇڏيا هوندا ۽ هن وهم ائين ئي ڪيو آهي. ڏاڻيءَ جي متعلق، جنهن کي سندس پيءُ هڪ زير زمين ڪوٺڙيءَ يا پتل جي هڪ مناري ۾ بند ڪيو هو، پر جنهن کي زيوس ديوتا قيد و بند جي حالت ۾ حاصل ڪري ڇڏيو ۽ جو اُن وٽ سون جي وسڪاري جي صورت ۾ وڃي پهتو هو، جيڪا قديم يوناني آکاڻي سروج آهي، سا شايد آکاڻين جي هين ئي طبقي سان واسطو رکي ٿي. هن آکاڻيءَ جو بدل انهيءَ روايت ۾ موجود آهي، جا سائبيريا جي ڪيرگهيز نسل جا ماڻهو پنهنجن ابن ڏاڏن جي بنياد متعلق ٻڌائيندا آهن. آتان جي ڪنهن خان کي هڪ خوبصورت ڏيءَ هئي، جنهن کي هن لوهم جي اونداهي گهر اندر رکيو هو، ته جئين اُن کي ڪوبہ ماڻهو نہ ڏسي سگهي. هڪ پوڙهي عورت کيس پالينديءَ هئي ۽ جڏهن چوڪري وڏي ٿي دوشيزگيءَ جي منزل کي پهتي، تڏهن هن هڪ ڏينهن انهيءَ پوڙهيءَ کان دريافت ڪيو ته، "تون ايترو جلد جلد ڪيڏانهن ويندي آهين؟" پوڙهيءَ خاتون کيس جواب ڏنو ته "منهنجي ڏيءَ، باهر هڪ روشن دنيا آباد آهي، انهيءَ روشن دنيا ۾ تنهنجو پيءُ ۽ تنهنجي ماءُ ۽ هر قسم جا ٻيا ماڻهو رهن ٿا. آءٌ اوڏانهن ئي ويندي آهيان." دوشيزه چيو ته "اي نيڪ امڙ، آءٌ ڪنهن کي ڪونہ سليندس، پر مهرباني ڪري مون کي اها روشن دنيا ته ڏيکار." چنانچہ، پوڙهيءَ عورت چوڪريءَ کي لوهم جي گهر کان باهر ڪڍيو. پر جڏهن هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشن دنيا جو ديدار ڪيو، تڏهن چوڪري ٽاپا ڪائي ڪري پيئي ۽ بيهوش ٿي ويئي؛ ۽ "خدا" جي نظر جو مٽس ٿيئي، تہ چوڪري حاملہ ٿي پيئي. سندس ڪاوڙيل پيءُ هن کي هڪ سونيءَ صندوق ۾ بند ڪري، وسيع سمنڊ (پرين جو سون پرين جي دنيا ۾ پاڻيءَ تي تري سگهي ٿو) ۾ لوڙهي ڇڏيو. معلوم ٿئي ٿو تہ يوناني ڏند ڪٿا ۾ سون جو وسڪارو ۽ ڪير گهيز روايت ۾ "خدا" جي اک، سج جي روشنائيءَ ۽ خود سج جون علامتون آهن. هيءُ نظريو، تہ سج عورتن کي حاملہ ڪري سگهي ٿو، ڏند ڪٿائن ۾ ڪو غير معمولي ناهي ۽ ان جا نشان ڪن قومن جي شاديءَ جي ڪن رسمن ۾ اڄ بہ موجود آهن.

۴- بلوغت وقت چوڪرين جي گوشہ نشينيءَ جو سبب

چوڪرين ۾ ٻالغ ٿيڻ وقت جيڪي پابنديون عام طور عائد ڪيون وڃن ٿيون، تن جو اصلي سبب، گهيرو ويڙهل آهو ڊپ آهي، جو قديم النسل ماڻهو عالمي سطح تي، حيض واريءَ رت کان محسوس ڪري ٿو. انهيءَ رت کان هونئن بہ هو هر وقت ڊڄي ٿو، پر ان جي پهرئين دفعي ظاهر ٿيڻ وقت هو تمام گهڻو ڊپ محسوس ڪري ٿو. چنانچہ، اهي پابنديون، جن جي تحت زالون پنهنجيءَ پهرينءَ ماهواريءَ وقت ڏيل رهن ٿيون، سي عام طرح انهن بندشن کان زياده سخت آهن، جي انهن تي انهيءَ ۾ اسرار وهڪري جي پوين موقعن وقت عائد ڪيون وڃن ٿيون. انهيءَ ڊپ ۽ ان جي بنياد ۾ ٻاهريل رسمن جون ڪجهہ ثابتيون ۽ شهادتون هن ڪتاب جي اڳوڻي حصي ۾ ڏنيون ويئون آهن. پر جيئن تہ انهيءَ ڊپ، جو تہ اهو احساس ان کان گهٽ پيو ڪجهہ بہ ناهي، جيڪو قدرت جو اهو چڪر هڪ وحشي انسان جي دل ۾ وقتي طور پيدا ڪري ٿو، سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ ان جي ادارن تي تمام گهرو اثر پيدا ڪيو آهي ان ڪري هن موضوع تي ڪجهه وڌيڪ مثال پيش ڪري، ان کي واضح ڪرڻ بهتر ٿيندو.

چنانچه، ڏکڻ آسٽريليا جي "اينڪائونٽر بي" قبيلي ۾ هڪ اهڙو وهم ويڙهل آهي يا ڪجهه زمانو اڳي تائين هوندو هو، جيڪو انهيءَ قبيلي جي عورت کي سندس ماهانه 'بيماري' وقت پاڻ کي قبيلي وارن جي چانوٽيءَ کان علحده رکڻ لاءِ مجبور ڪندو آهي، ۽ ان وقت جيڪڏهن ڪو جوانمرد يا ڪو چوڪرو اهڙيءَ عورت جي قريب اچي نڪرندو آهي، تہ هوءَ هڪدم واڪو ڪري ڪيس خبردار ڪندي آهي، جنهن تي هو هڪدم چڪر کائي اهڙيءَ ملاقات کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن اهڙي عورت انهيءَ باري ۾ ڪا ڪوتاهي ڪندي آهي، تہ هوءَ پاڻ کي پنهنجي مڙس يا ڪنهن ويجهي مائٽ جي تڙين يا سخت مار جو هدف بڻائيندي آهي، ڇو تہ چوڪرن کي سندن معصوبيءَ واري وقت کان وٺي ٻڌايو ويندو آهي تہ جيڪڏهن اهي رت ڏسندا تہ سندن وار جلد اڇا ٿي ويندا ۽ سندن قوت پنهنجي وقت کان اڳ ئي جواب ڏيئي ويندي." مرڪري آسٽريليا جي "ديشري" قبيلي وارن جو اعتقاد آهي تہ جيڪڏهن عورتون انهن وقتن تي مڇي کائيندڙن يا درياه ۾ وهنجندڙن، تہ سڀ مڇيون مري ويندڙن ۽ درياه جو پاڻي خشڪ ٿي ويندو. ساڳئي علائقي ۾ آباد "آرونٽا" قبيلي وارا حيض وارين زالن کي "اڙياڪورا" نالي هڪ جهنگلي ميوي گڏ ڪرڻ کان منع ڪندا آهن، جو اتان جي مردن ۽ عورتن جي غذا جي هڪ مکيه جنس آهي. اهي سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن ڪا عورت انهيءَ قانون جي خلاف ورزي ڪندي، تہ کين اهو ميوو ملڻ بند ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسٽريليا جي ڪن قبيلن ۾ حيض واريون عورتون جي علحدگيءَ جو قانون اڄا به زياده سخت هو، جنهن جي پيروي تڙين يا مار کان به زياده سخت سزائن ذريعي ڪرائي ويندي هئي. چنانچ، "ويڪابيورا" قبيلي وارن ماڻهن ۾ سندن قبائلي چاڻوٽين متعلق هڪ اهڙو قانون آهي، جو چانوٽيءَ اندر داخل ٿيڻ واريون عورتون کي مردن وٽ ري رستي کي استعمال ڪرڻ جي ممانعت ڪري ٿو. ڪنهن به وڌيءَ چانوٽيءَ ۾ انهيءَ قانون جي خلاف ورزي واسطيدار عورت کي موت جي سزا جو مرتڪب ڪندي. انهيءَ جو سبب اهو ڊپ آهي، جنهن سان اهي قبائلي عورتن جي حيض واري عرصي کي ڏسن ٿا. حيض جي حالت ۾ عورت کي چانوٽيءَ کان بلڪل دور، ڪم ازڪم اڌ ميل ڪن پري، رکيو ويندو آهي. جيڪا عورت انهيءَ حالت ۾ هوندي آهي، تنهن کي چيلهه وٽ سندس قبيلي جي نشان واري ڪنهن وڻ جون ٽاريون ٻڌل رهنديون آهن ۽ ڪيس هر وقت جاچيو ويندو آهي ۽ مٽس سخت نگراني ڪئي ويندي آهي، چو ته ائين سمجهيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪو مرد اهڙو بد نصيب ٿيندو، جو ڪنهن عورت کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي وجهندو، ته هو لازمي طور مرندو. جيڪڏهن اهڙيءَ حالت واري ڪا عورت ڪنهن به مرد کي پاڻ کي ڏسڻ ڏيندي، ته امڪان آهي ته ڪيس موت سان همڪنار ٿيڻو پوي. جڏهن عورت شفايابٿيندي آهي، تڏهن ڪيس اڇو ۽ گاڙهو رنگ ٿڦي، مٽي تي ڪنب هنيا ويندا آهن ۽ پوءِ آڌا واپس چانوٽيءَ ڏانهن ايندي آهي."

"ٽورس" ٻيٽن جي مجموعي مان، "مورالگ" نالي هڪ ٻيٽ ۾، حيض واريءَ عورت کي ڪنهن به اهڙيءَ شيءَ کائڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي، جا سمنڊ اندر رهندي هجي، چو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس عزيزن جو اعتقاد هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ سندن سچيءَ مارڻ جون سڀ ڪوششون ناڪامياب ٿيندیون. نيوگنيءَ جي اولهہ طرف، گيليلا وٽ ماهواريءَ وارين عورتن کي تماڪ جي پنين اندر داخل ٿيڻ کان منع هوندي آهي، چاڪاڻ تہ ٻيءَ صورت ۾ هيءَ انديشو هوندو آهي تہ تماڪ جي پوڻن کي مرض وٺندو. سوماترا جا "منانگکابايو" قبيلي وارا سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن ڪا عورت ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ جانورن جي ٻنيءَ جي ويجهو ويندي، تہ فصل خراب ٿي ويندو.

ڏکڻ آفريڪا جا "بشمين" سمجهندا آهن تہ ڪنهن به اهڙيءَ چوڪريءَ جي هڪ نگاهہ پوڻ سانڻ جنهن کي اڃ وقت سخت پابنديءَ جي حالت ۾ رهڻ گهرجي، ماٺهو انهيءَ ئي حالت ۾ پنڌ پهڻ ٿي ويندا، جنهن ۾ اڃي اهڙيءَ چوڪريءَ جي نظر پوڻ وقت هوندا ۽ سندن هٿن ۾ اُنهيءَ مهل جيڪي به شيون هونديون، سي انهن ۾ اڻين ئي رهجي ويندیون ۽ اهي اهڙن وٽن ۾ تبديل ٿي ويندا، جي ڪالهاڻيندا آهن. ڏکڻ آفريڪا جون چوپايو مال پالينڊڙ قومون سمجهنديون آهن تہ سندن ڏور هڪدم مري ويندا، جيڪڏهن حيض واري ڪا به عورت اُنهن جو ڪير پيئندي. هن حالت ۾ به ڪين ساڳيئي قسم جي خطري جو انديشو رهندو آهي تہ جيڪڏهن حيض واري عورت جي رت جو ڪو هڪ قطرو به زمين تي ڪرندو ۽ ڏڪا ان مٿان لنگهي ويندا، تہ اهي به هڪ هنڌ جمي، پنڌ پهڻ ٿي ويندا. اهڙيءَ مصيبت کي روڪڻ لاءِ عورتن کي عام طرح ۽ فقط حيض وارين زالن کي ئي نہ، ڏورن جي لوڙهن اندر داخل ٿيڻ کان منع ٿيل هوندي آهي. اُن کان سواءِ، گوٺ ۾ داخل ٿيندي يا هڪ کان ٻيءَ جهوپڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن اينديءِ يا وڃندي، اهڙيون عورتون رواجي رستن کي استعمال نه ڪري سگهنديون آهن. ڪين جهوپڙين جي پٺئين پاسي کان ڪن گول پيچرن ناهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن اهي ڳوٺ جي وچ واري ميدان کان ٿري وڃن، جتي ڊور ٻيهندا آهن يا ليٽيا پيا هوندا آهن. انهن عورتن جي پيرن جا نشان "ڪافر" قبيلي جي هرهڪ ڳوٺ ۾ صاف نظر ايندا آهن. "باگنڊا" قوم وارن ۾، ساڳيءَ طرح، ڪنهن به حيض واريءَ عورت کي ڪير ٻيئڻ يا ڪير جي ڪنهن به برتن کي هٿ لڳائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. ڪيس ڪنهن به اهڙيءَ شيءَ کي هٿ لائڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي، جا سندس مڙس جي هوندي آهي، نہ وري هن کي سندس تڏي تي ويهڻو هوندو آهي ۽ نہ سندس ڪاڏو پچائڻو هوندو آهي. جيڪڏهن حيض واري عورت اهڙي وقت ۾ پنهنجي مڙس جي ڪنهن به شيءَ کي هٿ لائيندي هئي، تہ ائين سمجهيو ويندو هو تہ هوءَ ان جي موت جي آرزو ڪري رهي هئي يا سندس تباهيءَ لاءِ سچ پچ جادو ڪري رهي هئي. جيڪڏهن هوءَ مڙس جي ڪنهن به شيءَ کي هٿ لائيندي، تہ هو ضرور بيمار ٿيندو. جيڪڏهن هوءَ سندس ڪنهن به هٿيار کي چهندي، تہ هو ايندڙ لڙائيءَ ۾ يقيناً مارجي ويندو. ان کان سواءِ، باگنڊا قبيلي وارا حيض وارين زالن کي ڪوہ تي وڃڻ نہ ڏيندا آهن. جيڪڏهن ڪا عورت ائين ڪندي هئي تہ ماڻهن کي هيءَ انديشو رهندو هو تہ ڪوہ جو پاڻي سڪي ويندو ۽ جيسين هوءَ پنهنجي ڏوهہ جو اقرار نہ ڪندي ۽ قبيلي جو حڪير ڪيس ان لاءِ معافي نہ ڏيندو، تيسين هوءَ پاڻ بيمار ٿي، مري ويندي. برٽش اوپر آفريڪا جي "اڪيڪويو" قبيلي وارن ۾، جيڪڏهن ڳوٺ اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کا نئين جھوپڙي ٺهندي آهي ۽ مالڪ جي زال کي انهيءَ ئي ڏينهن حيض اچي ويندو آهي، جنهن ڏينهن هوءَ نئين جاءِ اندر پهرين ڀاڪر پاريندي آهي، تہ انهيءَ جھوپڙيءَ کي ٻئي ڏينهن ئي پوءِ ڏاهڙو پوندو آهي. عورت کي انهيءَ جھوپڙيءَ اندر ٻي رات ڪنهن ٻ صورت ۾ نہ گذارڻ گهرجي، جو اهڙيءَ عورت ۽ اهڙي جھوپڙيءَ، ٻنهي جي مٿان هڪ لعنت مسلط هوندي آهي.

ٽالمود قبيلي وارن مطابق، جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجيءَ ماهواريءَ جي شروعات وقت ٻن ماڻهن جي درميان لنگهي ويندي، تہ انهن مان هڪ ڇٽو ضرور مرندو. لبنان جا ڪاشتڪار سمجهندا آهن تہ حيض واريون عورتون گهٽين مصيبتن جو باعث هوندا آهن، سندن پاڇو گلن کي ڪومائي ۽ وڻ کي سڪائي ۽ خود نانگن جي چپر کي ساکت ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن اهڙين عورتن مان ڪا هڪ گهوڙي تي سواري ڪندي، تہ اهو گهوڙو مري ويندو يا ڪم از ڪم گهٽي وقت تائين هلڻ چلڻ کان معذور ٿي ويندو.

اوريئنٽل جي "گئي ڪئيري" قبيلي جي ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ حيض واري عورت جنهن ٻ شيءَ کي لتاڙي لنگهي ويندي، سا هڪدم مري ويندي ۽ جيڪڏهن ڪوبہ مرد انهيءَ جاءِ تان اڇي لانگهائو ٿيندو، جنهن تان اها عورت گذري ويئي هوندي، تہ ان جون ٽنگون هڪدم سڄي ويندیون. ڪوسنا ريڪا جي "بَري - بَري" قبيلي جي ڪاڙهن هندستانين ۾ شادي شده عورت پنهنجيءَ ماهواريءَ جي ايام ۾ ڪائڻ لاءِ ٽالهين بدران فقط ڪيوڙي جا ٻج استعمال ڪندي آهي، جن کي هوءَ استعمال ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن علحده ۽ پوشيده جاءِ تي اڇلائي ڇڏيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن انهن کي کا ڳئون کائي وڃندي ته اها آهستي آهستي، ڳري سڙي ۽ آخرڪار مري ويندي. ان کان علاوه، هوءَ هڪ خاص برتن ۾ پاڻي پيئندي آهي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو ان کان پوءِ انهيءَ برتن ۾ پاڻي پيئندو، ته اهو ڳري، مري ويندو.

اتر آمريڪا جي ڳاڙهي هندستانين جي اڪثر قبيلن ۾ هيءَ رسم هوندي هئي ته جن عورتن کي حيض ايندو هو، سي چانوڙيءَ يا ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويندڙن هيون ۽ پنهنجي ناپاڪائيءَ واري عرصي جي دوران ۾ خاص جهوپڙين يا مڪان هيڻان گذاريندڙيون هيون، جي خاص طور سندن استعمال لاءِ ڪين ٺاهي ڏنا ويندا هئا. اهڙيون عورتون انهي جاءِ تي الڳ رهنديون هيون، پنهنجي ليکي ڪائيندڙيون ۽ سمهندڙيون هيون، پنهنجين خاص ٻاهين ٺانءَ پاڻ کي گرم رکندڙيون هيون ۽ مردن سان ڪنهن به واسطي رکڻ کان سخت پرهيز ڪندڙيون هيون، جي ڪائنس ايتري قدر نفرت ڪندا هئا، جو ته انهن کي ڪنهن پليگ جي مرض ورتو هو.

چنانچ، مثال طور، آمريڪا جي گڏيل رياستن جي ڳاڙهن هندستانين جي "ڪريڪ" قبيلي وارا ۽ ڪن ٻين قريبي قبيلي جا ماڻهو پنهنجين عورتن کي ماهواريءَ واري عرصي جي دوران ۾ علحده جهوپڙين ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا، جي ڳوٺ کان دور ڪجهه مفاصلي تي اڏيل هوندڙيون هيون. عورتن کي دشمنن جي ناگاهه حملن ۽ پنهنجن مردن کان جدا ٿي وڃڻ جي خطري جي باوجود اتي رهڻو پوندو هو. اهڙن وقتن تي عورتن جي نزديڪ وڃڻ کي "انتهائي وحشتناڪ ۽ خطرناڪ پليتي" سمجهيو ويندو هو. اهو خطرو دشمنن لاءِ ساڳيو به هوندو هو جن کي، انهن عورتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي قتل ڪرڻ جي حالت ۾ پاڻ کي ڪن مقدس جڙي ٻوٽين ۽ آنهن جي پاڻ ذريعي انهيءَ پليتيءَ کان پاڪ ٿيڻو پوندو هو. برٽش ڪولمبيا جي "استسيلس" قبيلي جا ڳاڙها هندستاني سمجهندا هئا ته جيڪڏهن حيض واري ڪا عورت تيرن جي هڪ بنڊل کي اورانگهي لنگهي ويندي، ته اهي تير بيڪار ٿي ويندا ۽ شايد پنهنجي مالڪ جي موت جو باعث ٿي پوندا. ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن هوءَ ڪنهن شڪاريءَ جي اڳيان لنگهي ويندي، جنهن جي هٿ ۾ بندوق هوندي، ته آهو هٿيار وري ڪڏهن به سڌو نشان نه ڪري سگهندو. "چيووي" ۽ هڊسن اپسمنڊ واري علائقي جي ڳاڙهن هندستانين جي ڪن ٻين قبيلن ۾، حيض واريون عورتون کي چانوڻيءَ کان خارج رکيو ويندو آهي ۽ اهي ونڊ جي ٽارين مان لهيل جهوپڙين ۾ قيام ڪنديون آهن. اهي پنهنجن مٿن تي ڏگها ٽوپ پائينديون آهن، جي سندن مٿن ۽ چاتين کي مؤثر طريقي سان پوشيده رکندا آهن. انهن کي گهر جي ڪنهن به سامان ۽ ٻين اهڙين شين کي هٿ لائڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي، جي مرد استعمال ڪندا آهن، چاڪاڻ ته "ائين سمجهيو ويندو آهي ته انهن جو ڇهڻ ڪين بليت ڪري ڇڏيندو، جنهنڪري بعد ۾ سندن استعمال سبب يقيني طور، مرض يا موت جهڙي شرارت يا مصيبت اچي مٿن نازل ٿيندي." انهيءَ قبيلي جي حيض واريون عورتون کي هنج پڪيءَ جي پوري هڏي وڃان پاڻي پيئڻو پوندو آهي. ڪين عام رواجي رستن تان گهمڻ يا ڊورن جي پيچرن کي اورانگهڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. اهڙين عورتن کي درياهن يا ڏنڊن جي برف مٿان گهمڻ، يا آن جي انهيءَ حصي جي پرسان، جتي مرد *"بيور"

* وڏي ڪُتي جي نسل جو هڪ پشمين جانور، جو آتر آفريڪا جي درياهن جي ڪناري پرسان گهٽو ٿيندو آهي ۽ ان جي پشم تمام سٺي ۽ قيمتي ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور جو شڪار ڪندا آهن، يا جتي مڇيءَ مارڻ لاءِ چار وجهي ويٺا هوندا آهن، لنگهڻ جي اجازت هن ڊپ سبب نه ڏني ويندي آهي، ته متان انهن جي ڪاميابيءَ ۾ ڪا رڪاوٽ پئجي وڃي. حيض وارين عورتن کي انهن وقتن تي ڪنهن به جانور جي سنڊيءَ کائڻ کان منع ٿيل هوندي آهي، حتيٰ ڪ ڪين انهيءَ پيڇري ۾ گهمڻ يا ان کي اورانگهي لنگهي وڃڻ جي به اجازت ڪانه هوندي آهي، جتان ڪنهن هرڻ، *"موز"، "بيور" ۽ ٻين مختلف شڪار جي جانورن جون سنڊيون پئيءَ تي رکي يا بنان ڦيٽن واريءَ گاڏيءَ تي چاڙهي، ڪجهه ڏينهن پيشتر ڏويون ويٺون هجن. انهيءَ رسم جي خلاف ورزيءَ جو ڏوهاري ٿيڻ، هڪ وڏي ڳالهه سمجهي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن جو پختو اعتقاد آهي ته اهو ڏوهه واسطيدار شڪاريءَ کي سندس مستقبل جي شڪار ۾ اوتريقدر ڪاميابيءَ ڏيڻ کان روڪڻ جو باعث ثابت ٿيندو". ساڳيءَ طرح، "لئپ" نسل جا ماڻهو پنهنجين عورتن کي حيض واري عرصي ۾ ساحل جي انهيءَ حصي تان گهمڻ کان منع ڪندا آهن، جتي ماهيگير پنهنجين ٻچين کي رکڻ جا عادي هوندا آهن. بيرنگ ڪچي سمنڊ جي ايسڪيمو نسل وارن ماڻهن جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن شڪاري حيض واريون عورتن جي قريب ويندا، ته ڪين کوبه شڪار ڪونه ملندو. ساڳئي سبب ڪري "ڪئريئر" قبيلي جا ڳاڙها هندستاني حيض واريءَ عورت کي جانورن جي پيڇرن کي اورانگهڻ جي اجازت نه ڏيندا آهن. جيڪڏهن اهڙي ڪا سخت ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي، ته ڪيس آڻان گود ۾ ڪٽي رستي جي پار پهچايو ويندو آهي. اهي ماڻهو سمجهندا آهن

* اتر آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ قسم جو هرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيڪڏهن حيض واري عورت ڪنهن نهر يا ڍنڍ مان گهمي لنگهي ويندي، تہ انهيءَ نهر يا ڍنڍ جون سڀ مڇيون مري ويندیون.

يورپ جي تهذيب يافته قومن ۾ پڻ اهڙا وهم، جيڪي زناني فطرت جي هن پراسرار حالت جي متعلق انسانذات جي ذري گهٽ هرطبقي ۾ سروج آهن، آنهن وهمن کان ڪي گهٽ درجي جا فضول ۽ واهيات ڪينهن، جي اسان ڪي وحشين ۾ نظر اچن ٿا. دنيا ۾ جيڪو سڀني کان زياده قديم "اينسائڪلوپيڊيا"— پلنيءَ جي لکيل "فطرت جي تاريخ"— موجود آهي، تنهن ۾ حيض جي خطرن جي جيڪا فهرست ڏني ويئي آهي، سا اهڙين سڀني فهرستن کان زياده طويل آهي، جي اسان ڪي محض وحشي قومن مهيا ڪيون آهن. پلنيءَ مطابق، حيض واريءَ عورت جو ڇهڻ شراب ڪي سرڪي ۾ تبديل ڪندو، فصلن ڪي سکائي ۽ ساڙي وجهندو، ڪچڙن سلهه ڪي ساڙي ڇڏيندو، باغن ڪي اُجڙ ڪندو، وڻ مان ميون ڪي هيٺ ڪيرائيندو، آرسين ڪي ڏنڊلو ڪندو، پاکين ڪي مُڊو ڪندو، لوهه ۽ پتل ڪي ڪٽ چاڙهيندو، (خاص طرح چنڊ لهڻ وقت) ماکيءَ جي مکين کي ماريندو يا ڪم ازڪم انهن ڪي پٺهنجن مانارن مان پڄائي ڇڏيندو، گهوڙين جا ڪڇا وڇيرا ڪيرائي وجهندو، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح، يورپ جي مختلف حصن ۾ اڄا تائين هيءَ اعتقاد عام آهي تہ جيڪڏهن ماهواريءَ واري عورت شراب ٺاهڻ جي ڪنهن ڪارخاني اندر داخل ٿيندي، تہ بيئر ڪٽو ٿي ويندو. جيڪڏهن هوءَ بيئر، شراب سرڪي يا ڪير ڪي هٿ لائيندي، تہ اهو خراب ٿي ويندو. جيڪڏهن هوءَ سربو ٺاهيندي، تہ اهو گهٽو وقت نہ رهي سگهندو. گهوڙيءَ تي سواري ڪندي، تہ ان جو ڪڇو وڇيرو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو، جيڪڏهن گلن جي مُکڙين کي هٿ لائيندي، تہ اهي کومائجي ويندیون ۽ جيڪڏهن کنهن "چيري" وڻ تي چڙهندي تہ اهو سڙي ويندو. برونسوڪ جا ماڻهو سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن حيض واري عورت سوئر کي ذبح ڪرڻ ۾ هٿ وٺائيندي تہ ان جو گوشت بدبوءِ ڪندو. ڪاليمنوس نالي هڪ يوناني جزيري ۾ ڪنهن به عورت کي حيض واري ايام ۾ ڪوهه تان پاڻي پري اڇڻ، وهندڙ پاڻيءَ جي ڪسي ٽپڻ ۽ سمنڊ ۾ گهڙڻ کان منع هوندي آهي. پيڙيءَ ۾ سندس موجود گيءَ کي طوفان برپا ڪرڻ جو سبب سمجهيو ويندو آهي.

چنانچہ، حيض جي دوران ۾ عورتن کي علحده رکڻ جو مقصد انهن خطرناڪ اثرن کي زائل ڪرڻ جو هوندو آهي، جي اهڙي عرصي ۾ انهن جي وجود مان باهر نڪرندا سمجهيا ويندا آهن. هيءَ حقيقت، تہ انهيءَ خطري کيٰ پهرئين حيض وقت خاص طور وڏو سمجهيو ويندو آهي، انهن غير معمولي حفاظتي قدمن مان ظاهر ٿي رهي آهي، جي اهڙي نازڪ وقت تي چوڪرين کي علحده رکڻ لاءِ ڪنيا ويندا آهن. اهڙين حفاظتي تدبيرن مان ٻن جا مثال مٿي ڏنا ويا آهن، يعني تہ چوڪري ڏرتيءَ کي نہ چهي ۽ سج کي نہ ڏسي. انهن تدبيرن جو عام اثر، جڏ تہ واسطيدار عورت کي زمين ۽ آسمان جي درميان معلق رکيو ڇڏي. هن کي چولي ۾ بند ڪري، چت ٿي لٽڪايو وڃي، جئين ڏکڻ آمريڪا ۾ ڪيو ويندو آهي، خواهہ ڪيس تنگ ۽ تاريڪ پنڇري ۾ ويهاري مٿي لٽڪايو وڃي، جئين نيو آئرلئنڈ ۾ ڪيو ويندو آهي، پنهي حالتن ۾ ڪيس شرارت ڪرڻ کان دور سمجهڻ گهرجي، جئين تہ هوءَ زمين ۽ سج، پنهي کان دور رهي، حياتيءَ بخشڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارين انهن پنهي عظيم ذريعن سان ڪنهن هڪ کي به پنهنجيءَ موتمار زهر سان زهريلو نه ٿي بڻائي سگهي. ائين ڪڻي چڱي تہ ڪيس هر طرف کان دور رکي، بي ضرر ڪيو وڃي ٿو. پر چوڪريءَ کي علحده ڪرڻ يا تنها رکڻ لاءِ جيڪي حفاظتي قدم ڪنيا وڃن ٿا، سي خود انهيءَ چوڪريءَ ۽ ان سان گڏ پين جي سلامتيءَ خاطر ئي ڪنيا وڃن ٿا. چاڪاڻ تہ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن هوءَ مقرر ڪيل تدبيرن کي نظرانداز ڪندي، تہ خود ڪيس تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي. چنانچہ، "زولو" قبيلي جي چوڪرين جو اعتقاد آهي، جئين اسين ڏسي آيا آهيون، تہ جيڪڏهن بلوغت وقت انهن مڻان سج چمڪندو، تہ اهي سڀ ۽ سڙي هڏن جا پنجرا ٿي ويندیون. اهڙيءَ طرح، ميڪيوسس سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن ڪا نوجوان عورت اهڙن قانونن جي پنجڪڙي ڪندي، تہ سندس جسم جي مختلف حصن تي ڳوڙها ٽڪري ايندا. ٿوري ۾ چئجي تہ بلوغت ۾ قدم رکندڙ چوڪريءَ کي هڪ زبردست قوت سان پريل سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ڪن خاص حدن اندر بند ڪري نہ رکبي، تہ اها شايد خود پنهنجي، ۽ اهڙن پين سڀني ماڻهن لاءِ، ضرر رسان ثابت ٿيندڙ، جي آن جي لهه وچڙ ۾ ايندا. انهيءَ قوت کي سڀني واسطيدارن جي سلامتيءَ لاءِ ضروري حدن اندر دٻائي بند ڪرڻ، انهن پابندين ۽ پرهيزن جو مقصد آهي.

مقدس بادشاهه ۽ پوڄاري جن ساڳين قاعدن تي عمل ڪندا آهن، تن سان به ساڳي سمجهاڻي لاڳو ٿئي ٿي. بلوغت وقت چوڪرين جي پليتي، جئين تہ ان کي سڏيو ويندو آهي ۽ مقدس ماڻهن جي پاڪائي، هڪ قديم النسل ماڻهوءَ جي دماغ ۾ هڪ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان گھٹي قدر مختلف حالتون معلوم ٿي ٿيون ٿين. سندس خيال موجب اهي ساڳيءَ پراسرار قوت جا ۾ مختلف مظهر آهن، جا عام قوت وانگر، بذات خودنہ چگي آهي ۽ نہ بري، پر ان کي جنهن نموني سائن استعمال ڪيو ويندو، تنهن موجب اها مفيد يا ڪارآمد ۽ مضر يا بيڪار ثابت ٿيندي. چنانچہ، جيڪڏهن بلوغت وقت، چوڪرين وانگر، مقدس شخصن کي ۾ نہ زمين کي ڇهڻ گهرجي ۽ نہ سج کي ڏسڻ گهرجي، تہ ان جو سبب، هڪ طرف اِهو ڊپ آهي تہ متان سندس تقدس زمين يا آسمان سان لڳي، ۽ هني تي ڪو تباه ڪن اثر پيدا ڪري، ۽ ٻئي طرف وري هيءَ خدشو آهي تہ متان اها مقدس هستي، پنهنجيءَ انهيءَ لطيف خوبيءَ کان خالي ٿي، پنهنجن اهڙن جادوي فرضن جي ادائگيءَ جي قوت کان محروم ٿي وڃي، جن جي باقاعده ادائگيءَ تي ماڻهن ۽ خود هن ڪائنات جي سلامتيءَ جو دارومدار سمجهيو وڃي ٿو. چنانچہ، مذڪور سوال جهڙا يا روڪ جي موضوع تحت اچي ٿو، جنهن جو اسين هن ڪتاب جي اوائلي حصي ۾ جائزو ورتو آيا آهيون. انهن سڀني جو اصل مقصد، مقدس شخصيت واري ماڻهوءَ ۽ اُن سان گڏوگڏ سندس رعايا ۽ پوڄارين جي زندگيءَ کي محفوظ رکڻ جو آهي. سندس قيمتي، حالانڪ خطرناڪ زندگيءَ کي، ٻئي ڪنهن ۽ هنڌ ايتريقدر سلامت ۽ بي ضرر نہ ٿو سمجهيو وڃي، جيتريقدر اُتي، جتي هو نہ زمين تي هجي ۽ نہ آسمان تي ۽ جيتريقدر ممڪن ٿي سگهي، اوتريقدر اُتي، جتي هو ٻنهي، يعني ڌرتيءَ ۽ آسمان، جي درميان معلق هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪونون

بالبر جي ڏنڪتا

هڪ اهڙو ديوتا، جنهن جو وجود، هڪ مفهوم ۾، نه اسمان تي سمجهيو وڃي ۽ نه زمين تي، پر جو انهن ٻنهي جي وچ ۾ معلق سمجهيو وڃي، سو هو نارس قوم وارن جو ديوتا، بالبر. اهو نيڪ ۽ خوبصورت ديوتا، عظيم ديوتا اوڀين جو پٽ هو، جو خود سڀني لازوال هستين کان زياده عقلمند ۽ حليم طبع هو ۽ ان سان گڏ انهن کي ٻين سڀني ديوتائن کان وڌيڪ پيارو هو. سندس موت جو قصو هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: هڪ دفعي بالبر ڏاڍا پوائتا خواب ڏٺا، جن مان سندس موت جو تعبير نڪري رهيو هو. ان ڪري سڀني ديوتائن گڏجي هڪ ميڙ ڪوٺايو ۽ بالبر ديوتا کي هر خطري کان محفوظ رکڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. چنانچه، فرگ ديويءَ ٻاهه ۽ پاڻيءَ، لوهه ۽ ٻين سڀني ڌاتن، پٿرن ۽ مٽيءَ، وڻ ٽڻ، بيمارين ۽ زهرن، سڀني چوپاين جانورن، پکين ۽ زمين تي رڙهندڙ سڀني جاندارن کان قسم ورتو ته اهي بالبر کي ڪوبه ضرر نه رسائين. جڏهن اهو ڪم ختم ٿي چڪو، تڏهن بالبر کي هر ضرر ۽ حذر کان محفوظ سمجهيو ويو. چنانچه، ديوتائن پاڻ کي وندرائڻ لاءِ بالبر کي ٻٿهنجي وچ ۾ ڪٽي ويهاريو ۽ منجهائنس ڪن خوش طبع ديوتائن کيس تير هڻڻ شروع ڪيا، ڪن سندس بدن جا ٽڪر لاهڻ شروع ڪيا ۽ ڪي ٻيا مٿس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر اچلائڻ لڳا. پر انهن چا ٻ ڀئي ڪيو، بالبر کي ڪنهن ٻ شيءَ ضرر نہ ٿي پهچايو. انهيءَ صورتحال تي سيئي ديوتائون خوش ٿي رهيا هئا. فقط هڪ "لوڪي"، شرارتي ناراض ٿيو ۽ هو هڪ پوڙهيءَ عورت جي ويس ۾ "فرگ" ديويءَ ڏانهن ويو، جنهن کيس ٻڌايو ته ديوتائن جا هٿيار بالبر کي نہ ڏکوئي سگهندا، چو ته هن آنهن سيني کان قسم ولي چڏيو هو. ان تي لوڪيءَ پڇيو ته "چا، سيني شين بالبر کي چڏي ڏيڻ جو قسم کنيو آهي؟ ديويءَ جواب ڏنو ته "ولها" جي مشرق ۾ هڪ ٻوٽو اپرندو آهي، جنهن کي "مزلٽو" سڏيو ويندو آهي. مون کي اڃين نظر آيو ته اهو ٻوٽو قسم کڻڻ لاءِ تمام ننڍو هو." چنانچہ، لوڪي اها ڳالهہ ٻڌي، سڌو "مزلٽو" ٻوٽي ڏانهن ويو ۽ ان کي پٽي، ديوتائن جي ميڙ ۾ ڪٽي آيو. آتي هن انڈي ديوتا، "هوڊر"، کي ديوتائن جي مجمعي جي ٻاهران بيهل ڏنو. لوڪيءَ پڇيس ته "تون بالبر کي چو نہ ٿو ڪجهہ هٽين؟" هوڊر چيو ته "ان ڪري، جو آءٌ اهو هنڌ ئي نہ ٿو ڏسي سگهان ته هو ڪٽي ٻيٺو آهي. ان کان سواءِ مون وٽ ڪو هٿيار ٻ ته ڪونهي." ان تي لوڪيءَ چيو ته "تون ٻ ٻين وانگر ڪر ۽ بالبر کي عزت ڏي، جيئن ٻيا سيئي ڪري رهيا آهن. آءٌ ٿو توکي ڏيکاريان ته هو ڪٽي ٻيٺو آهي. هان وڃ، تون کيس هيءُ ٻوٽو هڻ." هوڊر اهو ٻوٽو لوڪيءَ کان ورتو ۽ سندس اشاري تي ان کي بالبر طرف اچلايو. "مزلٽو" وڃي بالبر کي لڳو ۽ سندس بدن کي چيري، ڀڙي ان مان پار نڪري ويو، جنهنڪري بالبر مري ويو ۽ ڌرتيءَ تي ڪري پيو. اها وڏي ۾ وڏي مصيبت هئي، جا ديوتائن ۽ انسانن مٿان نازل ٿي. ٿوري وقت تائين ته ديوتائون خاموش بيٺا رهيا، پر پوءِ انهن پنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز بلند ڪيا ۽ خوب رنا. آنهن بالبر جو لاش ڪٽي، سمنڊ جي ڪناري تي آندو، جتي بالبر جو جهاز بيٺو هو، جنهن کي "رنگهارن" چيو ويندو هو. اهو جهاز ملڪ جي پين سيني جهازن کان وڏو هو. ديوتائن جي مرضي اها هئي ته جهاز کي هاڪاري، بالبر جو لاش ان تي رکي ساڙيو وڃي، پر جهاز هلڻ جو نالو ئي نه پئي ورتو. ان ڪري، آنهن هڪ ديو هيڪل عورت، "هائروڪن" کي گهرايو. اها هڪ بگهڙ تي چڙهي آئي ۽ جهاز کي اهڙو ته زوردار ڏڪو ڏنائين، جو سمنڊ جي لهرن مان باه جا آلا پيدا ٿيا ۽ سڄي ڌرتي ڌڏي ويئي. پوءِ ديوتائن بالبر جو لاش ڪٽي، جهاز تي تيار ڪيل چڪيا مٿان رکيو. جڏهن سندس زال، نانا، ان کي ڏٺو، تڏهن ان جي دل ڦاٽي پيئي ۽ اها آڪٽ مري ويئي. ان ڪري ڪپس ۽ سندس مڙس سان گڏ ئي چڪيا تي رکيو ويو ۽ پوءِ سڄي جهاز کي باه ڏيئي ساڙيو ويو.

بالبر هڪ جيئرو جاگندو ماڻهو هو، يا محض هڪ ڏندڪٿائي شخصيت، حقيقت هيءَ آهي ته ڪيس ناروي ۾ پوڄيو ويندو هو. ناروي جي خوبصورت سوگن فورڊ ندين جي مختلف اپينڊن مان هڪ تي، جيڪا ناروي جي پرشڪوه جبلن جي گهرائين ۾ دوردور تائين گهڙي وڃي ٿي، جن جي چوٽين تي 'پائين' وڻن جا ٻيلا ۽ بلند آبشار آهن، جن جو پاڻي هيٺ ندين جي ڪاراڻي پاڻيءَ سان ملي ڪان اڇو، سنهن ڦوهارن جي صورت ۾ ذرو ذرو ٿئي ٿو، بالبر ديوتا جي هڪ وڏي مڙهي بيٺل هئي. ان کي "بالبر جي هڙي" سڏيو ويندو هو. بت پرست انهيءَ مقام کي اهڙي ته ڊپ سان ڏسندا هئا، جو انهيءَ هنڌ کوڙ ماڻهو پئي ڪنهن کي نقصان نه رسائيندو هو، نه کوپئي ڪنهن جو چوپايو مال چوراڻيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ نہ وري کو غير عورتن سان مباشرت ڪري، پاڻ کي پليت ڪندو هو. پر مندر اندر ديوتائن جي مجسمن جي ٿهل ٿکور عورتون ڪنديون هيون. اُهي ئي اُنهن بتن کي باهم تي گرم ڪري، کين تيل ملينديون هيون ۽ ڦوءِ کين ڪپڙي سان خشڪ ڪنديون هيون.

بالبر جي روايت ۾ ڏندڪٿا جي باهرئين ڪوپي هيٺان پوشيده رکيل تاريخي ميڇالي جي متعلق ماڻهن جو کوڙ و ۾ ويچار هجي، پر انهيءَ قصي جي تفصيلن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بالبر ديوتا ڏندڪٿائن جي اهڙي طبقي سان واسطو رکي ٿو، جن کي سائنس سوڻن ۾ نالڪي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي يا هيئن ڪئي چئجي تہ هو سائنس جي انهيءَ طبقي سان واسطو رکي ٿو، جن کي جادوي رسمن جي صورت ۾ اُنهن فطرتي اثرن جي ظاهر ڪرڻ جي ارادي سان ادا ڪيو وڃي ٿو، جن جو انهن ۾ تشبيهي زبان ۾ ذڪر ٿيل آهي. ڪابہ ڏندڪٿا پنهنجن تفصيلن ۾ ايتري قدر باقاعده ۽ باريڪ ڪاتہ هوندي آهي جهڙي ان صورت ۾ جڏهن، اها اهڙن لفظن جو ڪتاب هوندي آهي، جن کي انهيءَ مقدس رسم جا ادا ڪندڙ ڀالهائيندا ۽ مڙن عمل ڪندا آهن. بالبر ديوتا جي نارس قوم واري جي ڀالهہ انهيءَ قسم جي هڪ ڏندڪٿا هئي يا نہ، تنهن جي ثابت ٿيڻ جو امڪان ان صورت ۾ پيدا ٿيندو، جيڪڏهن اسين هيءَ ڀالهہ ثابت ڪري سگهون تہ انهيءَ ڀالهہ جي واقعن سان مشابهت رکندڙ کي رسمون نارس قوم ۽ ٻين يورپي ماڻهن ادا ڪيون آهن يا نہ. هاڻي، انهيءَ قصي جا مکيہ واقعا ٻہ آهن. هڪ "مزلنو" ٻوٽي جو ٻڪرن ۽ ٻيو ديوتا جو مرڻ ۽ سڙڻ. ممڪن آهي تہ يورپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مختلف حصن ۾ ماڻهن، اجتماعي خواه انفرادي حيثيت ۾، جيڪي سالياڻيون رسمون ادا ڪيون آهن، تن ۾ شايد انهن ٻنهي جا بدل موجود هجن. آنهن رسمن جي وضاحت ايندڙ باب ۾ ڪئي ويندي ۽ مٿن بحث ڪيو ويندو. ان باري ۾ اسين هاڻ جي سالياڻين تقريبن سان آغاز ڪريون ٿا ۽ "مڊلٽو" ٻوٽي جي ٻڌڻ جي معاملي تي بعد ۾ غور ڪنداسون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب باهنون

يورپ اندر باهم جون تقريبون

۱- **باهم جون عام تقريبون:** يورپ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ ڪاشتڪار ايامن ڪان وڌي سال جي ڪن خاص ڏينهن تي باهم جي مڃن ٻارڻ، انهن جي چوڌاري نچڻ ۽ مٺائڻ ٽپن ڏيڻ جي رسم ادا ڪندا آيا آهن. انهيءَ قسم جي رسمن جو سراغ تاريخي شهادتن جي آڌار تي قرون وسطيٰ ۾ ملي سگهي ٿو ۽ انهن جي قديم زماني ۾ ادا ٿيندڙ ڪن رسمن سان مشابهت، ڪن زوردار اندروني ثابتين سان هيءَ ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته انهن جي بنياد جي ڳولا عيسائيت جي ڦهلجڻ ڪان گهڻو زمانو اڳ واري وقت ۾ ڪرڻ گهرجي. دراصل، اتر يورپ ۾ انهن جي ادائگيءَ جي سينڀ ڪان زياده اوائلي ثابتي انهن ڪوششن مان ملي رهي آهي جي اٽين صدي عيسويءَ جي مسيحي پادرين جي جماعتن انهن تقريبن کي محض بت پرستانه رسمن قرار ڏيڻ لاءِ ڪيون هيون. عام طرح انهن باهين ۾ مجسما ساڙيا ويندا آهن يا منجهن جيئرن ماڻهن کي ساڙڻ جو سانگ رچايو ويندو آهي. هن اعتبار ڪرڻ لاءِ کي دليل موجود آهن ته قديم زماني ۾ انسانن کي سچ پچ انهن موقعن تي باهم جي مڃن ۾ ساڙيو ويندو هو. انهن رسمن جي مختصر جائزي وٺ سان اسان کي انساني قربانين جو نشان ملي ويندو ۽ ساڳئي وقت انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ عيان ٿي پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن موسمن ۾ باهم جا اهڙا مڇ عام طور پاريا ويندا آهن، سي گهٽو ڪري بهار ۽ وچ اونهارو آهن. پر ڪن هنڌن تي اهي باهيون موسم خزان جي آخر ۾ يا سياري جي دوران ۾، خاص‌طرح (۱) "هئلو ايون" (۳۱ آڪٽوبر) تي، "ناتال جي ڊينهن" ۽ (۲) "بارهين ڊينهن جي شام" تي ٻاريون ويندڙون آهن. هن هنڌ جاءِ جيڏ ڪمي انهن رسمن ڪي تفصيلوار بيان ڪرڻ جي راه ۾ مانع آهي. بهرحال، انهن جي عام نوعيت ڪي واضح ڪرڻ لاءِ ڪي ٿورا نمونا ڪافي ثابت ٿيندا. آسان بهار جي باهم وارين تقريبن سان شروعات ڪريون ٿا، جي عام طور (۳) "لينٽ" جي پهرئين آرٽوار، ايسٽر شام ۽ 'مي-ڊينهن' تي ملهايون ويندڙون آهن.

۲- **"لينٽ" واريون باهيون:** 'لينٽ' واري عرصي جي پهرئين آرٽوار تي باهم جي سڃن پارڻ جي رسم بيلجم، اتر فرانس ۽ جرمنيءَ جي مختلف علائقن ۾ هلندي آئي آهي. چنانچه، بيلجم جي آردينس نالي هڪ ضلعي ۾، "وڏيءَ باهم واري ڊينهن" ڪان پندرهن ڊينهن اڳي ڳوٺ جا ٻار هڪ ڪان ٻيءَ ٻنيءَ ڏانهن ويندا آهن ۽ جلائو ڪاليون جمع ڪندا آهن. گرانڊ هئليو نالي ڳوٺ ۾ جيڪو به ماڻهو پارن جي طرفان چند ڪائين ڏيڻ جي درخواست نامنظور ڪندو آهي، تنهن کي اُهي ٻڌي ڊينهن تي ڏيکائيندا آهن ۽ سندس منهن کي

(۱) ۳۱ آڪٽوبر تي عيسائي مذهب وارن جي "آل سينٽس ڈي" جي تقريب واري شام.

(۲) ناتال ڪان پوءِ بارهين ڊينهن جي شام.

(۳) ايسٽر ڪان چاليهه ڊينهن اڳي ڪان وڌي ايسٽر واري ڊينهن تائين جيڪو عرصو آهي، تنهن ۾ مسيحي مذهب جا پيرو روزا رکندا ۽ توبهه تائب ڪندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسايل ٻاهه جي رک سان ڪاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.
جڏهن جشن جو مقرر ڏينهن ايندو آهي، تڏهن ماڻهو ٻَوڙا ۽
ڪانڊيرا، خاص طرح "جيونيبر" ۽ "بروم" نالن وارا مقامي ٻوٽا،
وڍيندا آهن ۽ شام ٿيڻ سان آس پاس جي سيني دڙن تي ٻاهه جا
مچ ٻرڻ لڳندا آهن. انهيءَ علائقي جي ماڻهن وٽ هيءَ هڪ عام
چوٽي آهي ته جيڪڏهن ڪوٽ کي ٻاهه جي مصيبت کان بچائڻ
مقصود آهي، ته ٻاهه جا ست مچ هڪ ئي وقت ٻرندا نظر اچڻ
گهرجن. گرانڈ هئليو جا ماڻهو ٻاهه جي مچ جي وچ ۾ هڪ
ڪڙو ڪوڙيندا آهن، جنهن کي آهي "سئڪرال" يا "ڊانئن"
سڏيندا آهن ۽ ٻاهه هڪ اهڙو ماڻهو ٻاريندو آهي، جنهن جي شادي
ڪوٽ ۾ انهيءَ تقريب کان سيني کان پوءِ ٿي هوندي آهي.
"مورلانويز" جي پسگردائيءَ ۾ ڪکن جو هڪ مجسمو ٻاهه ۾
ساڙيو ويندو آهي. نوجوان ۽ ٻار گڏجي ٻاهه جي مچن جي چوڌاري
ڪائيندا ۽ نچندا آهن ۽ انهيءَ سال جي دوران ۾ پلن فصلن حاصل ڪرڻ،
دلپسند شاديءَ ماڻڻ ۽ ٻاڻ کي پيٽ جي سخت سور کان محفوظ
ڪرڻ لاءِ ٽانڊن مٿان ٽپندا آهن. برٽنٽ ۾، ساڳيئي آرتوار تي،
اڏويهين صديءَ جي شروعات واري زماني تائين، زالون ۽ مرد زنانا
ڪپڑا پائي، رات جو ٻرندڙ مشعلون کڻي ٻنين ڏانهن ويندا هئا،
جتي آهي "ظالم بيماريءَ کي هڪالي ڪيڻ" جي مقصد سان،
(جيئن اهي چوندا هئا) نچندا ۽ مذاقيه راڳ ڳائيندا هئا. هيناٽ
صوبي ۾، پاچريجز وٽ، سنه ۱۸۴۵ع تائين اها رسم "اسڪائوويئن"
جي نالي سان ادا ڪئي ويندي هئي. هر سال "لينٽ" جي پهرئين
آرتوار تي، جنهن کي "ننڍي اسڪائوويئن جو ڏينهن" چيو ويندو
هو، نوجوان مرد ۽ ننڍڙا ٻار ٻريل مشعلون هٿن ۾ کڻي، ٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باغن ۾ ڊوڙندا رهندا هئا. ڊوڙندي ڊوڙندي، آهي زوردار آواز ۾ هيئن چوندا ويندا هئا:-

"ڪٽي وڃو صوف، ڪٽي وڃو ناسپاتيون ۽ آلو بخارا-سپ ڪارا، 'اسڪائوويئن' ڏانهن."

انهن لفظن تي مشعل بردار پنهنجي هرندڙ مشعل کي زور سان ڦيرائي صوفن، ناسپاتين ۽ آلو بخارن جي وڻن جي تارين ڏانهن اڇلائيندو هو. ان کان پوءِ ايندڙ ٻئي آرتوار کي "وڏي اسڪائوويئن جو ڏينهن" سڏيو ويندو هو ۽ انهيءَ ڏينهن ٻ، شام کان وٺي اوندهه ٿيڻ تائين، مشعلن سان باغيچن جي وڻن ۾ ساڳيئي قسم جي ڊڪ ڊوڙ ڪئي ويندي هئي.

آرڊينس جي فرينچ ضلعي ۾ هرهڪ ڳوٺ باهه جي مچن جي چوڌاري نچندو ۽ راڳ ڳائيندو هو، جي "نينٽ" جي پهرئين آرتوار تي روشن ڪيا ويندا هئا. هيٺي ٻڙ، جنهن ٻ، شهرواسيءَ جي آخرين شادي ٿيل هوندي هئي، خواهه اهو مرد هوندو هو يا عورت، سو ئي باهه کي تيلي ڏيندو هو. اڄا تائين اها رسم عام طرح سڄي ضلعي ۾ ادا ڪئي ويندي آهي. پلين کي باهه ۾ ساڙيو ويندو هو يا کين ان مٿان جهلي پڇاڙيو ويندو هو. جنهن دوران ۾ پليون سڙنديون رهنديون هيون، تنهن ۾ ڳوٺ جا سڀئي ريڍار پنهنجن ڏڻ کي بيمارين ۽ جادوءَ جي بد اثر کان محفوظ رکڻ لاءِ، باهه جي شعلن ۽ دونهين وچان هڪالينداويندا هئا ۽ انهيءَ عمل کي آهي ريڍن جي بچاءَ جو يقيني ذريعو تصور ڪندا هئا. ڪن ضلعن جي ماڻهن کي هيءُ يقين هوندو هو ته باهه جي چوڌاري ناچ، جيئن زياده تيز رفتار ۽ چست هوندو، تيئن فصل زياده پلا ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"فرينچ ـ ڪومٽيءَ" جا رهاڪو، جو "جورا جبلن" جي مغرب ۾ واقع هڪ فرينچ علاقو آهي، "لينٽ" جي پهرئين آرتوار کي "ڪانڊن وارو آرتوار" (برٿڊيس) سڏيندا آهن، ڇو ته انهيءَ ڏينهن تي باهين ٻارڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ چنچر يا آرتوار ٽي ڪوٽ جا جوان ڇوڪرا گهوڙي جي بدران پاڻ مان ڪنهن هڪ ساٿيءَ کي گاڏيءَ ۾ جوڙي، گاڏيءَ کي شهر جي گهٽين ۾ رستن تان ڪاهيندا ويندا آهن ۽ اهڙن گهرن جي دروازن تي بيهندا ويندا آهن، جتي ڪٽي ڇوڪريون هوندیرن آهن ۽ انهن گهرن مان ڪائين جون لڏون پيندا آهن. جڏهن ڪين ڪافي مقدار ۾ جلائو ڪاٺيون ملي ويندیون آهن، تڏهن اهي ڪاٺين کي ڪوٽ کان ٽورو پري گاڏيءَ ٽي ڪٽي ويندا آهن، جتي انهن جو هڪ وڏو ڍير لاهي، ان کي باهه ڏيندا آهن. ڪوٽ جا سڀ ماڻهو باهه ڏسڻ لاءِ باهر نڪري ايندا آهن. ڪن ڪوٽن ۾، جڏهن گرجائن جي گهنڊن "انگيلس" جو سُر وڄايو هوندو آهي، تڏهن انهيءَ رسم جي ادائگيءَ لاءِ عام ماڻهن کي وڏن واڪن سان هنن لفظن ۾ اطلاع ڏنو ويندو آهي ته "اچو، باهه ڏانهن! اچو باهه ڏانهن!" ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ پار مچ جي چوگرد نچندا آهن ۽ جڏهن باهه جا شعلا وسامي ويندا آهن، تڏهن اهي سڀ سرخ ڪاٺين ٻڌل ٽپن ڏيڻ جي ڇنا ڀيٽي ڪري، هڪ ٻئي کان اڳي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪو ڇوڪرو يا ڇوڪري اهو ڪارنامون پنهنجن ڪپڙن کي ساڙڻ کان سواءِ سر انجام ڪندو آهي، تنهن جي شادي انهيءَ سال اندر ٿيندي آهي. نوجوان ماڻهو ٻرندڙ مشعلون کڻي گهٽين يا ٻنين ۾ ٻ ڦرندا وتندا آهن ۽ جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ميوي جي باغ وٽان لنگهندا آهن، تڏهن واڪا ڪري چوندا آهن تہ "پنن ڪان وڌيڪ قتل! " ڊائوبس ضلعي ۾، ليويران وٽ ٿورا سال اڳ تائين، فقط انهيءَ سال جي دوران ۾ پرٽيل جوڙن ڪي ئي ٻاهر جي اهڙن سڃن ڪي ٻارڻ جو فرض سونپيل هوندو هو. ٻاهر جي سڃ جي وچ ۾ هڪ لڪڙو ڪوڙيو ويندو هو، جنهن جي مٿينءَ چوٽيءَ تي ڪاٺ جي ڪڪڙ جو هڪ بت لڳل هوندو هو. پوءِ شرطون پڄايون ويندیون هيون ۽ ڪنڊڙ ڪي اهو ڪڪڙ انعام طور ڏنو ويندو هو.

آورجني ۾ "لينٽ" جي پهرئين آرتوار جي شام جو هر هنڌ ٻاهر جا سڃ روشن ڪيا ويندا آهن. هرهڪ ڳوٺ ۽ واهڻ، حتيٰ ڪ هرهڪ محلي ۽ هرهڪ دور دراز زميندارِي گهر ڪي ٻاهر جو پنهنجو پنهنجو سڃ يا "فيگو"، (جيڪو ان ڪي مقامي ٻولي ۾ سڏيو ويندو آهي) ٻارڻو هوندو آهي، جو رات جي پاڇي پوڻ سان ئي روشن ڪيو ويندو آهي. اوچين جاين ۽ ميدانن ۾ هڪ ٻي هنڌ، هر هنڌ ٻاهر جا سڃ روشن ٿيندا نظر ايندا آهن. ماڻهو انهن جي چوڌاري راڳ ڳائيندا ۽ نچندا آهن ۽ شعلن جي آر پار ٽپ ڏيندا آهن. پوءِ اهي "گرئناس - ميناس" نالي هڪ رسم ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن. "گرئنو- ميئو" نالي هڪ ڊگهي لڪڙي جي چوٽيءَ سان ٻڌل پلال جي هڪ مشعل هوندي آهي. جڏهن سڃ جي ٻاهر اڏوري سڙي ختم ٿي ويندي آهي، تڏهن آس پاس بيٺل ماڻهو وساندڙ شعلن مان پنهنجيون مشعلون روشن ڪري، پر وارن ميوي جي باغيچن، ٻنين ۽ باغن ڏانهن، جتي جتي ڦلدار وڻ هوندا آهن، اتي ڪٽي ويندا آهن. گهمندي گهمندي، اهي بلند آواز سان هيئن ڳائيندا ويندا آهن، "گرئنو، منهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست، گرئنو منهنجا ابا، گرئنو، منهنجي امڙ!" پوءِ اهي برندڙ مشعلن کي هرهڪ وڻ جي ٽارين هيٺان لنگهائيندا، هيٺن گهائيندا آهن:

"برئنڊو، برانڊائونسي، ٽساڪ برئنٽسو، ان پلئن پيناءِ!"

يعني، "اي ٽانڊا، پَرُ، هرهڪ ٽاري پريل ٽوڪرو ڏجانءِ!" ڪن ڳوٺن ۾ ماڻهو پوڪيل ٻنين مان ڊوڙندا ۽ مشعلن جي رک کي زمين تي اڇلائيندا ويندا آهن. تنهن کان سواءِ، اهي اُنهيءَ رک جو ڪجهه حصو پڪين جي آڪيرن ۾ به وجهندا آهن، تہ جئين ڪڙيون سڄي سال جي دوران ۾ جام آنا لاهين. جڏهن اهي سڀ رسمون ادا ٿي ويندیون آهن، تڏهن هر هڪ ماڻهو گهر وڃي، خوب مجلسون ڪندو آهي. اُنهيءَ شام خاص طعام ميدي، کير ۽ آنن مان ٺهيل ڪيڪ هوندا آهن، جن جي اندر ڪنهن سيوي جي ڦار يا گوشت جو ٽڪر رکيل هوندو آهي. هن حالت ۾ ميويدار وڻن، پوڪيل ٻنين ۽ پڪين جي آڪيرن کي باهم ڏيکارڻ، صاف طرح جادوءَ جو هڪ ٽوٽو آهي، جنهن جو مقصد آبادیءَ جي خاطري ڪرڻ جو آهي. اهو "گرئنو"، جنهن جي طرف سڀ پُڪارون مخاطب ڪيون ويندیون آهن ۽ جو مشعلن کي پنهنجي نالي سان نوازي ٿو، ڊاڪٽر پوميرول جي راءِ موجب، سيلٽڪ قوم وارن جي قديم ديوتا "گرئنس" کان علاوه شايد ٻيو ڪونهي، جنهن کي رومين پنهنجي ديوتا "اڀولو" سان شناخت ڪيو هو ۽ جنهن جي پوڄا جي متعلق تصديق نہ فقط فرانس، پر اسڪاٽلنڊ ۽ ڊئنيوب درياه جي ڪنارن تي واقع ملڪن مان ڳولي لڌل تحريرن مان ٻڌ ٿي رهي آهي.

"لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي سيوي وارن باغن ۽ ٻنين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي آباد ڪرڻ جي ارادي سان منجهن پلال جي مشعلن قيرائڻ جي رسم فرانس ۾ عام جام ڦهليل سمجهيو ٿئي ٿي، پر ان سان گڏ باهم جي مڇن پارڻ جي رسم به ادا ڪئي ويندي هئي يا نه، سو نه ٿو چئي سگهجي. چنانچه، پڪارڊي صوبي جا ماڻهو، "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي پنهنجي ۾ هرندڙ مشعلون گهمائيندا هئا ۽ انهن جي وسيلي آهي پنهنجي ڪوٺن، اناج جي پاسي ۾ آپرندڙ ڏيڻ ۽ نقصانڪار ٻوٽن کي هڪالينداهئا. هو سمجهندا هئا ته اهي مشعلون باغن لاءِ تمام چڱيون هيون ۽ پوکيل بصرن جي ڪنڊ کي تمام وڏو ڪندیون. بار هڻڻ ۾ مشعلون ڪٽي، زمين کي وڏيڪ پلي ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي ۾ ڊوڙندا وتندا هئا". جيورا ۽ ڪوهي ڊي ائن جي علائقن جي درميان، ورجز نالي هڪ ڳوٺ ۾ انهيءَ موسم جي دوران ۾ جبل جي چوٽيءَ تي وڏيون مشعلون ٻاريون ويندیون هيون. مشعل-بردار ڳوٺ جي هر هڪ گهر ويندا هئا، ماڻهن کان پڪل مڙن جي خيرات گهرندا هئا ۽ اهڙن سڀني جوڙن کي نچڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا، جن انهيءَ سال جي دوران ۾ شادي ڪئي هوندي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته مرڪزي فرانس جي هڪ ضلعي، بيريءَ ۾، ٻاه جا مڇ انهيءَ ڏينهن تي نه ٻاريا ويندا آهن، پر جڏهن سج غروب ٿيندو آهي، تڏهن ڳوٺن جا سڀ ماڻهو پلال جي هرندڙ مشعلن سان مسلح ٿي، سڄي علائقي ۾ ڦهلجي ويندا آهن ۽ پنهنجي انگور جي مَنَهِن ۽ ميويدار باغن سان ڊوڙندا ويندا آهن. دور کان ڏسبو، ته اڻين نظر ايندو ته جڻ ڦرندڙ گهڙندڙ روشنائين جا انبوه، اوندهه ۾ تمڪندا، آنهن کڙ ڪپيتن وانگر نظر ايندا، جي ميدانن، پهاڙين جي لاهين ۽ ماڙين جي سيڙڻن ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ٻڌيان ڊوڙندا ڦرندا آهن. هڪ طرف، جتي مرد پنهنجيون مشعلون ميوبدار وٽن جي ٽارين هيٺان ڦيرائيندا رهندا آهن، آتي عورتون ۽ ٻار بهہ جي ڪڪن سان ٺهيل ٻٽيون وٽن جي ٽڙن جي چوڌاري ويڙهيندا آهن. انهيءَ رسم جو اثر انهن مختلف بيمارين ۽ مرضن کي تڙي ڪيڏ جو معلوم ٿئي ٿو، جي ڏرتيءَ جي ميون کي عام طرح وٺندا آهن. وٽن جي ٽڙن جي چوڌاري جيڪي ٻٽيون ويڙهيون ويندیون آهن، تن لاءِ وري هيءَ اعتقاد آهي، تہ آهي وٽن کي ميوبدار ڪندیون.

جرمنيءَ، آسٽريا ۽ سئٽزرلئنڈ ۾ بہ انهيءَ موسم ۾ ساڳئي قسم جون ئي رسمون ادا ڪيون ويندیون آهن. چنانچہ، رهائين درياهہ جي پاسي ۾ واقع پرشيا ۾، ايفل جبلن ۾ "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي نوجوان مرد هرهڪ گهر مان پلال ۽ ٻُوڙن جون ننڍيون ڪائيون جمع ڪندا هئا. انهن کي اهي ڪنهن بلند مقام ڏانهن ڪٽي ويندا هئا، جتي ان کي ڪنهن ڊگهي ۽ سنهي وٽ جي چوڌاري جمع ڪندا هئا، جنهن کي ٽورو مٽيرو ڪائيءَ جو هڪ ٽڪر زاويہ قائم تي ٽوڪي، هڪ صليب ٺاهيندا هئا. انهيءَ اڏاوت کي "جهوپڙي" يا "قلعو" سڏيو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي باهہ ڏني ويندي هئي. نوجوان مرد هتن ۾ ٻرندڙ مشعلون ڪٽي، مٿا ڳهاڙا ڪري، ٻرندڙ "قلعي" جي چوگرد گهمندا ۽ زور زور سان دعائون گهرندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پلال سان ٺهيل ساٺهوءَ جي هڪ مجسمي کي "جهوپڙيءَ" ۾ جلايو ويندو هو. ساٺهو انهيءَ رخ جي غور سان جاچ ڪندا هئا، جنهن ڏانهن هوا ۾ دونهون ڪچي ويندو هو. جيڪڏهن دونهون ٻنين طرف ويندو هو، تہ ان کي هن ڳالهہ جي علامت سمجهيو ويندو هو

تہ انهيءَ سال جا فصل پلا ٿيندا. ساڳي ئي ڏينهن تي ايفل جي ڪن علائقن ۾ پلال مان هڪ وڏو قبيلو ٻاهيو ويندو هو، جنهن کي ٽي گهوڙا گهلي، ٽکريءَ جي چوٽيءَ تي پهچائيندا هئا. ڪوٽ جا چوڪرا رات اچڻ سان ان طرف ويندا هئا ۽ قبيلي کي باهه ڏيئي، ٽکريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ گسڪائي چڏيندا هئا. اوبر ستئنفيلڊ ۾ اهو قبيلو اهڙي ماٺهوءَ کي مهيا ڪرڻو پوندو هو جنهن جي شادي سينٽ ڪان پوءِ ٿي هوندي هئي. لڪسيمبرگ ۾ ايچرناچ جي پسگردائيءَ ۾، ساڳيءَ رسم کي "ڊانئڊ کي ساڙڻ" سڏيو ويندو آهي. ٽائرول ۾، ووراليرگ وٽ، "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي، هڪ سنهي ۽ ننڍي وڻ کي پلال ۽ ڪائين جي ڀير سان وکوڙيو ويندو آهي. وڻ جي چوٽيءَ تي پراڻين اکڙين مان ٿهيل ۽ بارود سان ڀريل ماٺهوءَ جو هڪ مجسمو لٽڪايو ويندو آهي. رات جو انهن سينٽ شين کي باهه ڏني ويندي آهي ۽ چوڪرا ۽ چوڪريون ان جي چوڌاري نچندا آهن. ان سان گڏو گڏ هٿن ۾ ٻرندڙ مشعلون هونديون اٿن، جن کي اهي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرا ڏيندا آهن ۽ اهڙن سُرن ۾ گيت گائيندا آهن، جن مان فقط "چج ۾ انٌ، زمين ۾ هَرٌ" الفاظ سمجهه ۾ اچي سگهندا آهن. سوابيا ۾، "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي، ڪڙي جو هڪ مجسمو ٻاهيو ويندو آهي، جنهن کي "ڊانئڊ" يا "پوڙهي زال"، يا "سياري جي نانيٽ" سڏيو ويندو آهي. ۽ ان کي هڪ لکڙي سان ٻڌو ويندو آهي. لکڙي ڪي ڪائين جي هڪ ڀير جي وچ ۾ کوڙيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان کي باهه ڏني ويندي آهي. جڏهن "ڊانئڊ" پئي سڙندي آهي، تڏهن نوجوان چوڪرا ٻرندڙ ٽالهيون هوا ۾ اڇلائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ٽالهيون، ڪائيءَ جا گول، سنها ٽڪر هوندا آهن، جن جو قطر ڪي ٿورا انچ هوندو آهي ۽ انهن جي باهرئين ڪناري وٽ سج يا ستارن جي ڪرڻن سان مشابهت رکندڙ ڪُنڊون نڪتل هونديون آهن. ٽالهين جي عين وچ ۾ هڪ ننڍو سوراخ هوندو آهي، جنهن جي ذريعي اهي هڪ ڏنڊيءَ سان ڳنڍيل رهنديون آهن. ٽالهيءَ کي اڇلائڻ کان اڳ باهر ڏني ويندي آهي. ڏنڊيءَ کي زور سان هيڏانهن هوڏانهن ڦيرايو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٽالهيءَ ڏانهي جيڪو زور منتقل ٿيندو آهي سو، ڏنڊيءَ کي سلاميءَ تي رکيل ڪاٺ جي هڪ تختي سان زور سان هٽڻ سبب اڃا به گهٽو وڌي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح، ٻرندڙ ٽالهي زور سان باهر نڪري ويندي آهي ۽ آسمان طرف گهٽيءَ بلنديءَ تائين پهچي، وري هيٺ زمين طرف ڪرڻ کان اڳ هڪ ڏگهي ٻرندڙ ڪمان ٺاهيندي ويندي آهي. ساٺهو سڙيل "ڏانڊ" ۽ ٽالهين جا وسايل اڳر گهر ڪٽي ويندا آهن، جن کي آهي ساڳيءَ رات "فلئڪس" جي ٻنين ۾ مٽيءَ ۾ دفن ڪندا آهن، جاڪاڻ تہ سندن اعتقاد آهي تہ اهي اڳر جيتن وغيره کي ٻنين کان دور رکندا. "رهڻون جبلن" ۾، جي "هيس" ۽ بئويريا جي سرحدن تي واقع آهن، ساٺهو "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي ڪنهن ٽڪريءَ يا ڪنهن بلند مقام جي چوٽيءَ تي چڙهي ويندا هئا. ننڍڙا ٻار ۽ چوڪرا مشعلون، ڏامر سان ٽڦيل ٻوهارا ۽ پلال ۾ ويڙهيل لڪڙا ڪٽي ويندا هئا. هڪ ڇيٽي کي، جنهن کي اهڙين شيون ويڙهيل هونديون هيون، جن کي تمام آسانيءَ سان باهم لڳي سگهي، باهم ڏيئي ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان گسڪائي چڏيو ويندو هو. جوان ساٺهو ٻرندڙ مشعلون ۽ ٻوهارا هٿن ۾ جهلي، ٻنين ۾ ڦرندا گهمندا هئا، تانجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخرڪار اهي انهن سيني کي هڪ هنڌ اڇلائي ڏيڙ ڪندا هئا، جنهن جي چوڌاري جمع ٿي، هڪ منتر يا ڪو عوامي گيت گائڻ شروع ڪندا هئا. برندڙ مشعلن سان پنهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ ۽ ڦرڻ جو مقصد "ظالم پيجاري" کي پڄائي ڪيڻ جو هو يا شايد "ڪنواريءَ" جي اعزاز ۾ ائين ڪيو ويندو هو، تہ جيئن اها سڄي سال جي دوران ۾ ڌرتيءَ جي ڦلن جي حفاظت ڪري ۽ مٿن رحم نازل ڪري. "هيس" جي پسگردائيءَ وارن ڳوٺن ۾، "رهون" ۽ ووگيل جبلن" جي درميان، ائين سمجهيو ويندو آهي تہ جتي جتي اهڙو برندڙ قيڙو ڦرندو، تتي تتي پنيون ڪڙي ۽ طوفان کان محفوظ رهنديون.

سئزرلئنڊ ۾ ٻڻ، "لينٽ" جي پهرئين آرتوار جي شام جو اوچين جاين تي باهم جي مچن ٻارڻ جي رسم آهي يا ٿورو زمانو اڳ تائين هئي، جنهنکري اهو عام طرح "چٽنگن واري آرتوار" جي نالي سان مشهور آهي. مثال طور، اها رسم ليوسرن ضلعي جي ڪنڊ ڪڙچ ۾ ادا ڪئي ويندي هئي. چوڪرا گهر گهر وڃي، گاهم ۽ ڪاٺيون پنڌا هئا، جن کي اهي ڪنهن نمايان ٽڪريءَ يا جبل تي هڪ لڪڑيءَ جي چوڌاري، جنهن تي "ڊانئڻ" نالي گاهم جو هڪ بوتو لٽڪيل هوندو هو، گڏ ڪري، ڏيڙ ڪندا هئا. سنهن اونداهيءَ وقت، ڏيڙ کي باهم ڏني ويندي هئي ۽ نوجوان ڏاڍي جوش وخروش سان ان جي چوڌاري نچندا هئا ۽ منجهانئن کي ناچ جي وچ ۾ چهبڪن سان ٽڪاءَ ڪيندا يا گهنڊ وڄائيندا هئا. جڏهن باهم جا شعلا ڪافي حد تائين جهڪا ٿي ويندا هئا، تڏهن اهي انهن مٿان ٽپ ڏيندا هئا. ان کي "ڊانئڻ کي ساڙڻ" سڏيو ويندو هو. انهيءَ ضلعي جي ڪن ٻين حصن ۾، ماڻهو پراڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيڊن جي چوڏاري پلال ۾ ڪنڌا ويڙهي، انهن کي باهه ڏيئي، ٽکريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ گسڪائي چڏيندا هئا. اونده ۾ جيئن زياده تعداد ۾ باهين جا سچ ٻرندا ۽ شعلا ڪيندا ڏسي سگهبا هئا، تيئن سڪرسٽائيءَ واري سال جي اميد رکي سگهبي هئي، ائين ٻ سمجهيو ويندو هو ته باهه جي پرسان يا ان جي مٿان ناچو جيتريقدر زياده اوچا ٽپندا، اوتريقدر زياده اوچا سندن "فلڪس" جا ٻوٽا نڪرندا. ڪن ضلعن ۾ باهه جي سچ کي اهو مرڊ يا اها عورت روشن ڪندي هئي، جنهن جي شادي سيني کان پوءِ ٿي هوندي هئي.

باهه جي انهن سچن کي، جي "لينٽ" جي پهرئين آرتوار تي ٻاريا وڃن ٿا، انهن باهين کان علحده ڪرڻ مشڪل معلوم ٿئي ٿو جن ۾، تقريباً ساڳيءَ ئي سوسر ۾، "موت کي باهر ڪيڻ" جي رسر جي هڪ حصي طور "موت" جي مجسمي کي ساڙيو ويندو آهي. اسان ڏٺو آهي ته آسٽريائي سليشيا ۾، "ريوپرٽس دي" ('شروو' اڳارو؟) جي صبح جو، پلال مان لهيل هڪ ماڻهو، جو پشم جي ڪوٽ ۽ پشم جي ٽوپيءَ ۾ ملبوس هوندو آهي، ڳوٺ کان ٻاهر هڪ سوراخ ۾ رکيو ويندو آهي، جتي ڪيس باهه ڏني ويندي آهي ۽ جيسين اها باهه ٻرندي رهندي آهي، تيسين هرهڪ ماڻهو انهيءَ مجسمي مان ٽورو گهٽو ٽڪر پٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن کي اهو پنهنجي باغ جي سيني کان زياده اوچي وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٻڌندو يا پنهنجيءَ ٻنيءَ ۾ دفن ڪندو آهي. سندن خيال آهي ته ان ڪري فصل بهتر نموني سان وڌندا ۽ ويجهندا. اها رسر "موت کي دفن ڪرڻ" جي نالي سان مشهور آهي. جيتوڻيڪ پلال جي ماڻهوءَ کي "موت" جي نالي سان خاص طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ نوازيو ويندو آهي، تڏهن به امڪان آهي ته انهيءَ رسم جي معنيٰ اها ئي آهي، جو ته، جيئن مون ڊيڪارٽ جي ڪوشش ڪئي آهي، "موت" لفظ انهيءَ رسم جي اصلي مقصد جو اظهار نه ٿو ڪري. ايفل جبلن ۾، ڪوبرن وٽ، چوڪرا "شروو-اگاري" ڏينهن پلال جو هڪ ماٿهو ٺاهيندا آهن. مجسمي تي رسمي طور مقدمون هلايو ويندو آهي ۽ مٿس اها تهمت ڌري ويندي آهي ته انهيءَ سال جي دوران ۾ سڃيءَ پسگردائيءَ ۾ جيڪي به چوريون ٿيون آهن، تن سڀني جو سرغنو اهو ئي آهي. ڪيس موت جي سزا ڏيئي، ڦوٽ مان ڦيرايو ويندو آهي ۽ بعد ۾ ڪيس گوليءَ سان مان ماري، چڪيا تي رکي، ساڙيو ويندو آهي. سڀ ڇٽا پرندڙ مڇ جي چوڌاري نچندا آهن ۽ سال جي آخرين ڪنوار کي شعلن مٿان ٽپڻو پوندو آهي. اولڊينبرگ جا رهاڪو "شروو-اگاري" ڏينهن شام وقت، پلال جا ڊگها بنڊل ٺاهيندا هٿا، جن کي اهي باهم ڏيئي، پنين ۾ هيڏانهن هوڏانهن هوا ۾ ڦيرائيندا، ڊوڙندا رهندا هٿا ۽ چيخون ڪندا ۽ بي معني گيت گائيندا هٿا. آخر ۾ آهي پلال جي ماٿهوءَ کي ٻنيءَ ۾ ساڙيندا هٿا. ڊوسيلڊورف ضلعي ۾، "شروو-اگاري" ڏينهن جيڪو پلال جو ماٿهو ساڙيو ويندو هو، سو اناج جي اڻ گاهيل سٽيءَ مان بٽايو ويندو هو. موسم بهار ۾، جنهن ڏينهن رات ۽ ڏينهن هڪ جيترا ٿيندا آهن، تنهن کان پوءِ جيڪو پهريون سومر ايندو آهي، تنهن تي زيورچ جا رولو چورا پلال جي هڪ ماٿهوءَ کي گاڏڙيءَ تي رکي، گهٽين مان گهليندا ڦرندا آهن ۽ ساڳي ئي وقت چوڪريون وري "مئي-وڻ" کڻي گهمائيندڙيون آهن. جڏهن ديولين ۾ شام جا گهنڊ وڄندا آهن، تڏهن پلال جو ماٿهو ساڙيو ويندو آهي. آچين ضلعي ۾، "ائش-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اربع" جي ڏينھن تي، ھڪ ماڻھوءَ کي مڙن جي پليءَ ۾ ويڙھي، اڳواڻ مقرر ٿيل ھڪ جاءِ ڏانھن کڻي ويندا ھئا. اتي پھچڻ کان پوءِ، اھو ماڻھو پليءَ مان ڪسڪي ٻاھر نڪري ويندو ھو، جنھن کي پوءِ ساڙيو ويندو ھو ۽ ٻارائين ٽي سمجھندا ھئا تہ اھو ماڻھو سڙي رھيو ھو. "وال ڊي ليڊرو" (ٽائرول) ۾، ڪارنيوال جي آخرين ڏينھن تي پلال ۽ ڪائين مان ھڪ مجسمو ٺاھيو ويندو آھي، جنھن کي بعد ۾ باھ ڏني ويندي آھي. مجسمي کي "پوڙھي عورت" ۽ ان کي ساڙڻ جي رسم کي "پوڙھي عورت کي ساڙڻ" چيو ويندو آھي.

۳- **ايسٽر واريون باھيون:** ٻيو ھڪ اھڙو موقعو، جنھن تي باھ جون اھي تقريبون منعقد ڪيون ويندیون آھن، سو آھي ايسٽر جي شام، يعني ايسٽر واري آرتوار کان اڳ ايندڙ ڇنڇر. ڪيٿولڪ فرقي وارن عيسائين جي ملڪن ۾ انھيءَ ڏينھن تي ديولين مان سڀني روشنين کي گل ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ پٿر ۽ چقمق ۽ ڪن حالتن ۾ آتشي شيشي سان تازين باھين ٻارڻ جي رسم گھٽي زماني کان وٺي ھلندي آئي آھي. انھيءَ باھ تي، وڏي "پاسڪل" يا "ايسٽر" موم بتي روشن ڪئي ويندي آھي، جنھن کي بعد ۾ ديول جي سڀني وسايل بتين کي ٻارڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آھي. جرمنيءَ جي گھڻن حصن ۾، نئين ٻاريل باھ ذريعي، ديول جي قريب ڪنھن ڪليل جاءِ تي ھڪ وڏو مچ ٻڌ ٻاريو ويندو آھي. اھو مچ مقدس ھوندو آھي ۽ آس پاس جا ماڻھو شام ٻلوط، آخروٽ ۽ "بيچ" وٽن جون ڪاٺيون کڻي ايندا آھن، جن کي اھي انھيءَ مچ مان دکائي، پاڻ سان گڏ گھرن ڏانھن کڻي ويندا آھن. چنانچہ، اھڙين ڪائين مان ڪن کي گھرن ۾ نئين سر روشن ڪيل باھين ۾ ساڙيو ويندو آھي ۽ ساڻ ئي ھيءَ دعا گھري ويندي آھي تہ شل خدا گھر کي باھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃ ۽ ڳڙي کان محفوظ رکي! اهڙيءَ طرح هر هڪ گهر ۾ "تازي باهه" پهچندي آهي. انهن کائين مان ڪي، سڄي سال تائين محفوظ رکيون ويندیون آهن ۽ تمام سخت ڪجکوڙ وارن طوفانن وقت، گهر کي وڃ ۾ سڙي خاڪ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، انهن کي چلهه جي باهه مٿان رکيو ويندو آهي يا ساڳي ئي مقصد سان انهن کي چتين ۾ کوڙيو ويندو آهي. ٻيون اهڙيون کائيون ٻنين، باغن ۽ کيتن ۾ کوڙيون ويندیون آهن ۽ هيءَ دعا ڪئي ويندي آهي ته شل خدا انهن کي پاري ۽ ڳڙي کان امان ڏئي. اهڙن باغن ۽ اهڙين ٻنين کي ٻين کان زياده سائو ۽ آباد ٿيندو سمجهيو ويندو آهي، انهن هنڌن تي جمندڙ آنَ ۽ ٻوٽن کي ڳڙو نه لڳائيندو آهي، نه انهن کي ڪٽا، جيت ۽ ٽنڊڻيون کائيندیون آهن ۽ نه ڪا ڏانڊ ڪين نقصان رسائيندي آهي. سنجهن چميل آنَ جا سنگ پريل ۽ هڪ ٻئي جي قريب هوندا آهن. اهڙين باهين ۾ سڙيل کائيون هَرَن کي هنيون ويندیون آهن. ايسڙ واريءَ باهه جي رک کي، ڪجيءَ جي مقدس ٽارين جي رک سان ملائي، ٻج چڻڻ وقت، ٻج واري آنَ سان گڏيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن "جيوداس" نالي جي کائيءَ مان ٺهيل هڪ مجسمي کي مقدس باهه ۾ ساڙيو ويندو آهي ۽ جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي اها رسم منسوخ ڪئي ويئي آهي، ان هوندي به اهڙين جاين تي خود باهه جو سچ ئي "جيوداس جي سڙڻ" جي نالي سان مشهور هوندو آهي.

ايسڙ جي باهه واريءَ تقريب جي خالص بت پرستانه نوعيت هڪ انهيءَ طريقي مان، جنهن سان ڪاشتڪار ان کي ملهائين ٿا ۽ ٻيو انهن وهمي اعتقادن مان، جن کي اهي سائس وابستہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ٿا، بلڪل عيان ٿي رهي آهي. شمالي ۽ مرڪزي جرمنيءَ جي سڄي علائقي ۾، مشرق طرف ائلٽما، ڪ ۽ ائنهالٽ، برونسوڪ، هٽنوور، اولڊينبرگ، هارٽز ضلعي ۽ هيس ڪان‌وٽي مغرب ۾ ويسٽ فاليا تائين، اڄ ڪ ايسٽر جون باهيون هڪ ٻي وقت ٽڪرين جي چوڻين تي روشن ڪيون وڃن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ چاليهه چاليهه ميل هڪ ٻي نگاهه سان شمار ڪري سگهبا آهن. ايسٽر ڪان گهٽوا ڳ، نوجوان ماڻهو جلائو ڪائيون جمع ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن. هرهڪ ڪڙمي پنهنجو پنهنجو ڪائين جو چندو ڏيندو آهي. ۽ گڏ ڪيل شين جي ڍير ۾ ڏاهر جا ڏبا، پيٽرولين جا پيپ ۽ ٻيون گهٽيون اهڙيون شيون گڏيل هونديون آهن. همسايا ڳوٺ هن باري ۾ هڪ ٻئي سان ٿڌا پيٽي ڪندا آهن، تہ انهن مان ڪهڙو ٽو سيني ڪان وڏو ميڙ ٻاري. سال بسال اهي باهيون ساڳيءَ ٻي ٽڪريءَ تي ٻاريون ويندیون آهن جنهن ڪري، ان ڪري، عام طور "ايسٽر جبل" جو نالو ڏنو ويندو آهي. باهم جي انهن ميڙن ڪي هڪ ٻئي ٻڌيان، اوچين جاين تي اهڙيءَ طرح روشن ٿيندي، ڪنهن بلند مقام تان ٻيهي ڏسڻ سان هڪ خوبصورت نظارو نظر ايندو آهي. عام اعتقاد آهي تہ جيترو دور انهن جي روشنائي پهچندي، اوترو دور، ڪم از ڪم ڪڙمين جي اعتقاد مطابق، ٻنيون سايون ۽ آباد ٿيندیون ۽ اهي گهر، جن تي انهن جو شعاع پهچندو، ٻاه ۽ بيماريءَ ڪان بچيل رهندا. "عيس" ۾، ووڪ سارسن ۽ ٻين هنڌن جا ماڻهو هن ڳالهه جو غور سان مطالعو ڪندا هئا تہ هوا باهم جي شعلن کي ڪهڙي طرف ٽي ڦيرائي، ٻوءَ اهي هن خاطريءَ سان "فلڪس" جو بج انهيءَ مطابق ٻوکيندا هئا، تہ اهو ڏاڍو پلو ٿيندو. باهم جي اهڙن ميڙن سان باهر ڪيل ڪانڌا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھرن ۾ کي وچ ڪان محفوظ رکندا آهن ۽ انهن جي رک ٻنين جي آبادي ۾ اضافو آڻيندي آهي، ڪين ڪٽن جي حملي کان بچائيندي آهي ۽ جيڪڏهن ان کي چوپائي مال جي پيٽ واري پاڻي ۾ ملائبو، تہ اها ڍورن کي ٽلهو ۽ متارو ڪندي ۽ ڪين بيماري ۾ کان بچائيندي. جيڪڏ ئي شعلا هلڪا ٿيندا ويندا آهن، تيڪڏ ئي جوان ۽ پوڙها انهن جي آرپار ٽپ ڏيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن چوپاين جانورن کي ۽ وساميڙ ٽانڊن مان لنگهايو ويندو آهي. ڪن هنڌن تي ڏاسر جي ٻين يا پلال ۾ ويڙهيل ٿيڪڏ ڪي باهم ڏيئي، ٽکري ۾ جي لاهي ۾ تان هيٺ ڪسکايو ويندو هو. ٻين هنڌن تي وري، چوڪرا مشعلون يا پلال جون تيليون ٻاري، هڏ ۾ ٿيرائيندا، هرطرف ڊوڙندا وڌندا هئا.

ميونسپلٽي ۾، ايسٽر جون اهي باهيون هميشه ڪن خاص مقرر ڪيل ٽکرين تي ٻارڻون ويندڻون آهن جن کي، ان کري، "ايسٽر" يا "پاسڪل جبل" سڏيو ويندو آهي. سڄي قوم باهم جي چوڌاري اچي ڪٺي ٿيندي آهي. جوان مرد ۽ ڪنواريون چوڪريون، ايسٽر جا مذهبي گيت ڳائيندا، باهم جي چوڌاري گول چڪر هٽندا رهندا آهن، تانجو شعلا وسامي ويندا آهن. پوءِ چوڪريون قطار ڪري، هڪ-ٻئي ٻنيان باهم مٿان ٽپ ڏيندڻون آهن ۽ هر هڪ چوڪري ۾ کي ۽ جوان مرد سهارو ڏيئي، هڏ ڪان جهلي، سندس پاسن کان ڊوڙندا آهن. منهن اونداهي ۾ ٽيڻ ڪان ٽورو اڳيرو، چوڪرا پلال جا برندڙ مچا ڪٽي، ٻنين کي آباد ڪرڻ لاءِ منجهن هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا آهن. اولڊينبرگ ۾، ڊيلمينهورسٽ وٽ، ٻن وڻن کي ويڇي، هڪ ٻئي جي قريب زمين ۾ کوڙڻ ۽ هر هڪ جي پاسي ۾ ڏاڙهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پارهن پيهن کي انهن سان ٽيڪ ڏيئي، هڪ ٻئي مٿان رکڻ جي رسم هوندي هئي. ٻوءِ انهن ٻنهي وٽن جي چوڌاري ڪاڪيون رکيون ويندڙيون هيون ۽ "ايسٽر چنچر" جي شام جو، ڇوڪرا پرندڙ لکڙا ڪٽي، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ ۽ ڦيرين پائڻ ڪان پوءِ، انهن کي باهر ڏيندا هئا. انهيءَ رسم جي خاتمي ڪان پوءِ، رولو چورا وڏن ماڻهن ۽ پاڻ منجهان هڪ ٻئي جي ڪپڙن کي سياه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ائلٽمارڪ جبلن ۾، ماڻهن جو هيءُ اعتقاد آهي ته ايسٽر جي باهر جوشعاع جيتريءَ گهٽيءَ دوريءَ تائين ڏسڻ ۾ ايندو، اوتري تائين سڄي سال جي دوران ۾ آنءُ پنهنجو ٽيندو ۽ ڪٽي ٻ ڪا باهر ڪاڪ لڳندي. هارٽز جبلن ۾، برلن روڊ وٽ، ايسٽر جي باهر ۾ نوريئڻن کي ساڙڻ جو رواج هوندو هو. ائلمارڪ وٽ وري هڏا ساڙيا ويندا هئا.

اپر فرئنڪن ۾ فورچهيم وٽ، ايسٽر چنچر ڏينهن ديولين جي ايوانن ۾ پلال جي ماڻهوءَ کي ساڙڻ جو رواج هوندو هو، جنهن کي "جيوداس" سڏيو ويندو هو. جنهن چڪيا مٿان رکي ڪيس ساڙيو ويندو هو، تنهن لاءِ جيڪي ڪاليون گهربيون هيون، تن ۾ سڄو ڪوٽ پنهنجو حصو ملائيندو هو ۽ سڙيل ڪاڪين کي محفوظ رکيو ويندو هو. بعد ۾ انهن کي "والپرجس ڏينهن" (ٻهرين مئي) تي ٻنين ۾ ڪوڙيو ويندو هو، ته جيئن ڪڪ پاري ۽ سينءِ رکان بچي. اُپر ٻويريا جي هڪ ڪوٽ، ائلٽينبرگ وٽ هڪ سو سال اڳ اُها رسم هيڻن ملهائي ويندي هئي: ايسٽر اُرتوار جي شام کان اڳ، ڇوڪرا ڪاڪيون ڪٽيون ڪري، ٻنيءَ ۾ رکندا هئا ۽ انهن جي عين وچ ۾ اهي ڪاڪيءَ جو هڪ ڊگهو صليب ڪوڙيندا هئا، جو سڄو پلال سان ڏيکيل هوندو هو. شام جي عبادت کان پوءِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپيئي چٽا ديول جي مقدس شمع سان پنهنجيون بتيون ٻاريندا هئا، جي سانڍ ڪٽي اهي انتهائي تيز رفتاريءَ سان ڪائين جي ڏير طرف ڊوڙندا هٿا ۽ منجهانئن هرهڪ سپني کان اول اتي پهچڻ لاءِ جدوجهد ڪندو هو. ڪنهن ٻ عورت يا چوڪريءَ کي باهم جي نزديڪ اچڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي، پر ڪين دور کان انهيءَ نظاري ڏسڻ کان منع ڪانہ هئي. جيئن شعلا بلند ٿيندا هئا، تيئن مرد ۽ چوڪرا خوشيون ڪندا هٿا ۽ زوردار رڙيون ڪري چوندا هئا، "اسين جيوداس کي ساڙي رهيا آهيون!" جيڪو ماٺهو ڪائين جي ڏير وٽ سپني کان اول پهچندو هو ۽ ان کي باهم ڏيندو هو، تنهن کي ڪوٽ جون عورتون "ايسٽر آرتوار" تي انعام طور ديول جي دروازي وٽ رنگ ڏنل آنا پيش ڪنديون هيون. سڄيءَ رسم ادا ڪرڻ جو مقصد ڳڙي کي دور رکڻ جو هوندو هو. اهر بئويريا جي ڪوٽن ۾ انهيءَ رسم کي، جيڪا "ايسٽر چنچر" جي رات جو نائين کان ڏهين بجي جي درميان ادا ڪئي ويندي هئي، "ايسٽر ماٺهوءَ کي ساڙڻ" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ڪوٽ کان اڪثر هڪ ميل پري هڪ بلنديءَ تي نوجوان چوڪرا گاهم ۽ ويڑهيل هڪ ڊگهو صليب کڙو ڪندا هئا، جو دور کان ائين معلوم ٿيندو هو ته جڻ ڪو ماٺهو ٻانهون ڊگهيون ڪري بيٺو آهي. اهو هيو "ايسٽر ماٺهو". ارڙهن سالن کان گهٽ عمر واري ڪنهن ٻ چوڪري کي انهيءَ رسم جي ادائگيءَ ۾ حصي وٺڻ کان منع هوندي هئي. نوجوان مردن مان هڪ ڇٽو "ايسٽر ماٺهوءَ" جي قريب وڃي بيهندو هو، سندس هٿن ۾ هڪ مقدس شمع هوندي هئي، جنهن کي اهو ديول مان ٻاري ڪٽي ايندو هو. باقي ٻيا ماٺهو هڪ وڏي چڪر جي صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ صليب جي چوڏاري هڪ جيتري مفاصلي تي ڪهي ٻيهندا هئا. مقرر ڪيل اشاري ملڻ تي اهي گول چڪر جي چوداري ٽي ڦيرا پائيندا هئا ۽ پوءِ هڪ ٻي اشاري تي سڀ ڇٽا سڏو انهيءَ صليب ۽ ان جي پاسي ۾ بيٺل چوڪري ڏانهن دوڙندا هئا، جنهن جي هٿ ۾ ٻريل شمع هوندي هئي. جيڪو ماڻهو سڀني کان اول منزل مقصود وٽ پهچندو هو، تنهن کي "ايسٽر ماڻهوءَ" کي باهر ڏيڻ جو حق ملندو هو. ان جي سڙڻ جي دوران ۾ ڏاڍا شادمانا ڪيا ويندا هئا. جڏهن اهو شعلن ۾ بلڪل سڙي ختم ٿي ويندو هو، تڏهن باقي ماڻهن مان ٽي چوڪرا منتخب ڪيا ويندا هئا، جن مان هر هڪ زمين تي رک جي چوڏاري ٽي دفعا گول چڪر ڪيندو هو. ان کان پوءِ سڀئي اتان هليا ويندا هئا. "ايسٽرسوبر" ڏينهن ڪوٺاڻا رک جمع ڪري، ان کي پنهنجين ٻنين ۾ پکيڙي ڇڏيندا هئا. ان کان علاوه، اهي ڪجين جون شاخون به ٻنين ۾ هٽندا هئا، جي "پام-سنڊي" ڏينهن پاڪ ڪيل هونديون هيون. ساڳئي وقت آهي اڏوريون سڙيل لٽيون به ٻنين ۾ ڪوڙيندا هئا، جي "گڊفرائيڊي" ٽي ساڙيل هونديون هيون. اهي سڀ ڪم فقط ٻنين کي ڳڙي جي وسڪارن کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪيا ويندا هئا. سوايا جي ڪن حصن ۾، "ايسٽر" جون باهيون لوهه، رک يا پٿر جي ذريعي نه، پر ڪاٺ جي ٻن ٽڪرن کي هڪٻئي سان گسائڻ ذريعي ٻاريون هونديون هيون.

ايسٽر باهين جي رسم مرڪزي ۽ مغربي جرمنيءَ جي سڄي علاقي ۾ اتر کان ولي ڏکڻ تائين ڦهليل معلوم ٿئي ٿي. ساڳي ٽي رسم اسان کي هالنڊ ۾ به نظر اچي ٿي، جتي بلند ترين جاين تي مچ ٻاريا ويندا هئا ۽ اتان جا ماڻهو انهن جي چوڏاري نچندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ هرندڙ ڪاندن ستان ڏٺا ڏيندا هئا. هيتي ٻڌ، جرمني ۽ وانگر، باه ٻارڻ جو سازوسامان نوجوان ماڻهو گهرگهر مان پني ڪٺو ڪندا هئا. سڀيڊن جي گهٽن حصن ۾ "ايسٽر شام" ڏينهن هر طرف ٽوڪا، ڦٽاڪا ۽ آتشبازي ۽ جون پيون شيون ساڙي اڏايون ويندیون آهن ۽ ٽڪرين ۽ اوچن درڙن ستان باهم جا وڏا سڄ ٻاريا ويندا آهن. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ انهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو مقصد "ڊرول" ۽ ٻين بد روحن کي ڀڄائي ڪيڏ جو هوندو آهي، جي انهيءَ موسم ۾ خاص طرح شرارت تي ڪمرڪشي ٻيهندا آهن.

۴- **بيلٽين باهيون :** اڳئين زماني ۾ اسڪاٽلنڊ جي مرڪزي اتانهن پٽن ۾ بيلٽين باهين جي نالي سان مشهور باهم جا وڏا سڄ مئي مهيني جي پهرين ۽ تاريخ تي گهٽن سائن سوٽن سان ٻاريا ويندا هئا، جن ۾ انساني قربانين جا نشان خاص طور بلڪل صاف ۽ اڻ منجهيل نظر اچن ٿا. باهم جي اهڙن سڄن ٻارڻ جي رسم ارڙهين ۽ صديءَ جي ڪيل حصي تائين مختلف هنڌن تي هلندي آئي ۽ انهيءَ رسم جا انهيءَ زماني جي مصنفن جيڪي بيان ڏنا آهن، سي خود اسان جي ملڪ ۾ ڦهليل قديم وهم پرستيءَ جي هڪ اهڙي عجيب و غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ تصوير پيش ڪن ٿا، جو آءٌ انهن کي سندن الفاظ ۾ ئي دوباره چٽيان ٿو. اهڙن بيانن مان سڀني کان زياده مڪمل، اسان کي جان رامسي وٽان ورئي ۾ ملیو آهي، جو ڪريف جي نزديڪ، آڪٽرٽايرجو زميندار، برنس جو محسن ۽ سرموالٽر اسڪاٽ جو دوست هو. هو چوي ٿو: "پر دروئڊي مذهب وارن جي سڀني کان زياده قابل غور آها تقريب آهي، جنهن کي "بيلٽين"، يا "مئي-ڊي" چيو وڃي ٿو ۽ جا ٿورو ئي زمانو اڳ عجيب و غريب رسمن سان اتانهن پٽن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهائي ويندي هئي..... معلوم ٿئي ٿو ته ڊروئڊي مذهب وارن جي پين عام پوڄائن وانگر، "بيلٽين" تقريب ۾ ڪرين يا اتانهن ڏڻ تي ملهائي ويندي هئي. اڄ هي ماڻهو سمجهن ٿا ته اها هستي، جنهن جو مندر هيءَ سڄي ڪائنات آهي، ڪنهن به اهڙي گهر ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ کي پنهنجي بي عزتي سمجهي ٿي، جو انساني هٿن سان ٺاهيو ويو هجي. انهن جون قربانيون، ان ڪري ڪليل هوا ۾، گهٽو ڪري ڪرين جي چوٽين تي، پيش ڪيون ويندڙيون هيون، جتان ڪين قدرت جو بهترين نظارو ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ جتي اڄ به پاڻ کي حرارت ۽ ڪائناتي نظم ۽ ضبط جي مرڪز (سج) جي وڌيڪ قريب محسوس ڪندا هئا ۽، روايت مطابق، اتانهن پٽن ۾ انهيءَ تقريب ملهائڻ جو طريقو گذريل هڪ سو سالن تائين ساڳيوئي هو. پر وهم پرستيءَ جي زوال بعد، هر هڪ ڳوٺڙي اندر اها تقريب ڪنهن نه ڪنهن ڪريءَ يا اهڙي ڏڻي تي ملهائي وڃي ٿي، جنهن جي چوڌاري سندن چوپايو مال چرندو هجي. ڪوڪ جا نوجوان صبح ٿيڻ سان انهيءَ هنڌ پهچندا هئا ۽ هڪ خندق کوٽي، ان جي پاسي کان پيل مٽيءَ جي ڏڻي جي چوٽيءَ تي گاهه وڇائي، ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ ٺاهيندا هئا. ڏڻي جي وچ تي ڪاٺيون يا ٻرڻ جو ٻيو ڪو سامان رکيو ويندو هو، جنهن کي انهيءَ قديم زماني جا ماڻهو 'ٽين-ايجين' - يعني 'ضرورت واري باهه' سان ٻاريندا هئا. جيتوڻيڪ گذريل چند سالن کان وٺي اهي رواجي باهه سان ٻري مطمئن رهيا آهن، ان جي باوجود اسين هينئر ان جي طريقي جو بيان ڪنداسون، ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ معلوم ٿيندو ته ڪن غير معمولي هنگامي حالتن ۾ اڃا ٽائين "ٽين-ايجين" کان ڪم ورتو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انهيءَ. تقريب کان هڪ رات اڳ، سڄي ڳوٺ جون باهيون احتياط سان گل ڪيون ويندیون هيون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو انهيءَ مقدس باهه کي جاڳائڻ جو ساز و سامان تيار ڪيو ويندو هو. انهيءَ باه بابت جوسينئي کان زياده قديم طريقو اهو پيو معلوم ٿئي، جو اسڪائي، مٽ ۽ ڪاٺري نالي ٻڻن ۾ اختيار ڪيو ويندو هو. شاهه بلوط جي ڪاٺ جو هڪ ٻراٽو بندڪ هٿ ڪيو ويندو هو، جنهن جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪيو ويندو هو. پوءِ ساڳئي ٻي ڪاٺ جي هڪ ڪسر جي پيڇدار منڊيڙي جي پڇڙي انهيءَ بندڪ جي سوراخ ۾ وڌي ويندي هئي. ٻر ملڻ جي اندروني علائقن ۾ انهيءَ مقصد لاءِ مختلف قسمن جا اوزار استعمال ڪيا ويندا هئا. اڄ ڪلهه ساڳيءَ ڪاٺيءَ جي هڪ ڇوڪٽ استعمال ڪئي ويندي هئي، جنهن جي صورت چورس هوندي هئي ۽ جنهن جي وچ ۾ ڪاٺيءَ جي هڪ اڌڙي ٻئي لڳل هوندي هئي، جنهن جي ٻنهي پڇڙين وٽ ڇيڙن جي ڪامن جهڙيون ڪاٺيون لڳل هوندیون هيون. ڪن هنڌن تي تي دفعا تي تي ماڻهو ۽ ڪن ٻين هنڌن تي ٽي دفعا نو نو ماڻهو واري و تيءَ سان انهيءَ منڊيڙي يا ڇيڙي جهڙيءَ ڪاٺيءَ کي ڦيرائڻ لاءِ گهربا هئا. جيڪڏهن منجهائن ڪو ماڻهو قتل، زنا، چوريءَ يا ٻئي ڪنهن پست اخلاق واري ڏوهه ۾ ماخوذ ٿي چڪو هوندو هو، تہ هيئن سمجهيو ويندو هو تہ يا ٿہ باهه ٻرندي ئي ڪانہ يا جيڪڏهن ٻري پوندي تہ اها دستوري خوبين کان خالي هوندي. جيئن ئي سخت رگڙ سبب چٽگون ٽڪرڻ شروع ٿيندیون هيون، تيئن اهي پراڻن برج وٽن تي ايرندڙ سينور جهڙي هڪ چيز ان جي پرسان رکندا هئا، جنهن کي باهه ڏاڍي جلد لڳندي آهي. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باھ کي ائين سمجھيو ويندو ھو، تہ چڻ اھا ھڏي سٹين آسمان سان حاصل ڪئي ويئي ھئي جنھن ڪري ان سان قسم قسم جون خوبيون وابستہ ڪيون ويندیون ھيون. انھيءَ باھ کي جادوءَ جنتر جي بد اثر کان محفوظ رھڻ جو يڪ ٽڪ ذريعو ۽ انسانن ۽ حيوانن جي نسل سان جيڪي بہ بيماريون لاڳو آھن، تن جو شاھي علاج، سمجھيو ويندو ھو. انھيءَ ٿي باھ جي وسيلي، ائين بہ سمجھيو ويندو ھو، تہ سخت کان سخت زھر جو اثر بہ زائل ٿي ويندو.

"باھ جي مڇ کي 'ٽين - ايجين' سان روشن ڪرڻ کان پوءِ، سڀ ماڻھوان تي پنھنجا طعام تيار ڪرڻ کي لڳي ويندا ھئا. جڏھن آھي ڪاڏو ڪائي فارغ ٿيندا ھئا، تڏھن راڳ گائي ۽ باھ جي مڇ جي چوڌاري نچي، پاڻ کي ٿوريءَ دير لاءِ وندرائيندا ھئا. سڄي ڪيل ۽ تماشي جي اختتام وقت، جيڪو ماڻھو مجلس جو منتظم ھوندو ھو، سو ھڪ وڏو ڪيڪ آڻي حاضرين جي اڳيان رکندو ھو، جو آنن سان پکل ھوندو ھو ۽ جنھن جون ڪناريون لھردار ھوندیون ھيون. انھيءَ ڪيڪ کي 'ائر بوٽاڪ بيلٽائين' يعني 'بيلٽين جي تقريب جو ڪيڪ' سڏيو ويندو ھو. ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ڪافي مقدار ۾ حاضرين ۾ تقسيم ڪيو ويندو ھو. انھيءَ ڪيڪ جو ھڪ خاص ٽڪر ھوندو ھو جو، جنھن کي ملندو ھو، تنھن کي 'ڪليچ بيلٽين' يعني 'بيلٽين جي پوڙھي عورت' سڏيو ويندو ھو، جو ھڪ ھٿ ۾ آميز اصطلاح ھو. جڏھن حاضرين کي خبر پوندي ھئي تہ اھو ماڻھو کڙو ھو، تڏھن اُنھن مان ڪجھ ماڻھو اُٿي، ڪيس پکڙي، باھ ۾ اڇلائڻ جو سانگ رچائيندا ھئا، پر جڏھن اڪثر ماڻھو اُڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ ۾ پوندا هئا، تڏهن ان کي چڏيو ويندو هو. کن هنڌن تي ان کي زمين تي اهڙيءَ طرح ليٽايو ويندو هو، جو ته کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو. بعد ۾، کيس آڻن جي ڪلن سان ڪٽيو ويندو هو ۽ اهو ماڻهو سڄي سال تائين اهو برو لقب ڪنيون گهمندو هو. جيستائين اها محفل ماڻهن جي حافظي ۾ تازي رهندي هئي، تيستائين اهي ڪالهائڻ ۾ اهڙو نمونو ڪندا هئا، جو ته ويچارو 'ڪليچ بيلٽين، مري ويو هو."

اولهندي پرٿ شاير جي ڪئلينڊر نالي هڪ خوبصورت ضلعي ۾ اها رسم ارڙهينءَ صديءَ جي آخرين سالن تائين اڃا به ادا ڪئي ويندي هئي. انهيءَ زماني جي هڪ پادريءَ ان جو هيئن بيان ڪيو آهي: "مئي مهيني جي پهرئين ڏينهن تي، جنهن کي 'بيلٽن' يا، بالٽن' ڏينهن سڏيو ويندو آهي، هرهڪ شهر يا واهڻ جا چوڪرا باهر ٻنين ۾ وڃي ملندا آهن. اتي ڀهڄي، اهي زمين ۾ گول صورت جي هڪ خندق کوٽيندا آهن، جنهن جو گهيرو ايتري قدر وڏو هوندو آهي، جو ان جي اندرئين طرف جيڪا ساوڪ سان ڀريل ڏرتيءَ جي هڪ گول ميز ٺهي ڀوندي آهي، تنهن تي سڀ حاضرين آسانيءَ سان ويهي سگهندا آهن. ان جي وچ ۾ اهي باهم پارينڊا آهن ۽ پوءِ آڻن، کير ۽ ڪسترد، پائوڊر مان هڪ قسم جي کيرٽي تيار ڪندا آهن. اهي جنهن جو اڏو گوهي، انهيءَ باهم جي ٽانڊن مٿان ٽوپي رکي، هڪ ڪيڪ پچائيندا آهن. جڏهن کيرٽي ڪائي پوري ڪندا آهن، تڏهن اهي ڪيڪ کي اوترن ٽڪرن ۾ تقسيم ڪندا آهن، جيترا ماڻهو موجود هوندا آهن ۽ ڪوشش ڪري انهن ٽڪرن جي ماپ ۽ شڪل هڪ جيتري ۽ هڪ جهڙي رکندا آهن. انهن ٽڪرن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھڪ کي ڪوڙاو مکيندا آھن، تانجو اھو ٽکر، سڄو سارو سياھ ٽي پوندو آھي. ڪيڪ جا سپ ٽکر گڏي، ھڪ ٽوپلي ۾ وڌا ويندا آھن ۽ حاضرين مان ھرھڪ اڪيون ٻوٽي ٽوپلي مان پنھنجو حصو ٻاھر ڪيندو آھي. جيڪو ماڻھو ٽوپلو جھليندو آھي، تنھن کي آخرين ٻچيل ٽکر ملندو آھي. جيڪو ماڻھو اھو ڪارو ٽکر ڪيندو آھي، سو 'ايماندار' ھوندو آھي ۽ ان کي 'بعال' جي ٽالي ۾ قربان ٽيڻو پوندو آھي، ڇو تہ ڪيس ھلندڙ سال کي انسان ۽ حيوان جي خوراڪ جي جھجھي ۽ پيداوار ذريعي سڪر ۽ سٽائي ۽ واري ڪرڻ لاءِ پنھنجي قرباني ۽ سان راضي ڪرڻو ھوندو آھي. ھن باري ۾ ڪوبہ شڪ ڪونھي تہ ڪنھن زماني ۾ اھي غير انساني قربانيون ھن ملڪ ۽ مشرق ۾ سڀ ڀڄ ڏنيون ويندیون ھيون، جيتوڻيڪ ھينئر اھي قرباني ۽ جي ڪري کي درگذر ڪن ٿا ۽ فقط "ايماندار" کي باھ جي مٽان ٽي دفعا ٽپن ڏيڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا، ان کان پوءِ انھي ۽ تقريب جون رسمون ختم ٿين ٽيون."

ٽامس پينٽ، جنھن سنہ ۱۷۶۹ع ۾ برٽ شاير جو سفر ڪيو ھو، سو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ "مئي مھيني جي پھرئين ڏينھن ٽي ھرھڪ ڪوٽ جا ڏنار ۽ زميدار پنھنجي پنھنجي 'بل-ٽين'، يعني ڏيھاتي قرباني ۽ جي تقريب منعقد ڪندا آھن. اھي زمين ۾ ھڪ چورس خندق کوٽي، وچ ۾ ڏرتي ۽ جو ٽکر ڇڏي ڏيندا آھن، انھي ۽ وچين ٽڪر تي اھي باھ جو ھڪ وڏو ڀڄ ٻاريندا آھن، جنھن تي اھي آنن، مڪئي، جَوَن جي ٻالي ۽ ڪير ماڻھ ھڪ رب تيار ڪندا آھن، ۽ انھي ۽ رب جي جزن جي قريب ٻيئر ۽ وسڪي ۽ جو وڏو مقدار ۾ آڻي رکندا آھن، چاڪاڻ تہ محفل ۾ شريڪ ٽيل ماڻھن مان ھرھڪ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن ۾ ڪجھ نہ ڪجھ حصو شامل ڪرڻو پوندو آھي. تقريب جي رسمن جي شروعات، رب جي ٿوري حصي کي نذراني طور ڏرتيءَ تي ھارڻ سان ٿيندي آھي. ان کان پوءِ ھر ماڻھو جَوَن جي اڻي مان ٿھيل ھڪ ھڪ ڪيڪ ھٿ ۾ کڻندو آھي، جنھن تي چورس شڪل جا نَوَ ننڍا مُنڪا ٿھيل ھوندا آھن. جن مان ھرھڪ ڪنھن نہ ڪنھن اھڙيءَ خاص ھستيءَ جي نالي ۾ اُرپڻ ٿيل ھوندو آھي، جنھن کي اھي پنھنجن ڏورن جي ولرن ۽ ڏٺن جي محافظ طاقت سمجھندا آھن يا ڪنھن اھڙي خاص جانور جي نالي ۾ ھوندو آھي، جو سندن ڏٺن جو سچو پچو ناس ڪندڙ ھوندو آھي. پوءِ، ھرھڪ ماڻھو پنھنجو منھن ياھ ڏانھن ڦيرائي، ڪيڪ تان ھڪ مُنڪو پڄي ۽ پنھنجي ڪلھي ڀڃان اڇلائي، ھيٺن ڇوندو آھي تہ "ھيءَ آءٌ توکي ٿو ڏيان، تون منھنجن گھوڙن کي حفاظت سان رکجانءِ، ھيءَ توکي، تون منھنجيون ريڍون بچائجانءِ، عالي ھلذالقياس. ان کان پوءِ اھي ساڳي رسم خطرناڪ جانورن جي نالي ۾ ھن طرح ادا ڪندا آھن: "ھيءَ آءٌ توکي ٿو ڏيان، اي لوسڙ! منھنجن ريڍن جي بچن کي چڊي ڏجانءِ، ھيءَ توکي، اي ناڪرو ڪانءَ! ھيءَ توکي، اي عقاب!" جڏھن اھا رسم پوري ٿي ويندي آھي، تڏھن اھي رب ڪائڻ شروع ڪندا آھن ۽ دعوت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، باقي جيڪي ۾ بچندو آھي، سو ۾ اھڙا ماڻھو کڻي وڃي لڪائي ايندا آھن، جن کي خاص طور انھيءَ مقصد لاءِ چونڊيو ويندو آھي. ۽ ٻئي آرتوار تي اھي ورې اڇي جمع ٿيندا آھن ۽ پھرينءَ محفل جي باقي بچيل شين کي کائي، کپائي پورو ڪندا آھن."

ارڙھين صدي عيسويءَ جي ھڪ ٻئي مصنف ۾ پرٿ شاير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لاگيئريٽ ضلعي ۾ "بيل-ٽين" تقريب ملهائڻ جي طريقي جو بيان ڪيو آهي. هو چوي ٿو: "قديم طرز واري ڪئلينڈر جي مئي مهيني جي پهرئين ڏينهن تي، "بيلٽين" نالي هڪ تقريب سال پسال ملهائي ويندي آهي. اها تقريب گهٽو ڪري ڪنوار ملهائيندا آهن، جي ڪوڙين جي تعداد ۾ ٻنين اڇي جمع ٿيندا آهن، جتي آهي ڪڙهيل ڪيڪ آڻن مان پنهنجي لاءِ ڪاڏو تيار ڪندا آهن. اهو طعام، آهي هڪ قسم جي ڪيڪن سان گڏ ڪائيندا آهن، جي خاص طور انهيءَ موقعي لاءِ ٺاهيا ويندا آهن ۽ جن جي مٿان "ٽٽن" جهڙيون ننڍڙيون ڪوڙهيون ڪيل هونديون آهن، جي ڪيڪن کان مٿي بيٺل هونديون آهن." انهيءَ ٻوڌين بيان ۾ باهر جي سڃڻ جو ڪوبه ذڪر ڪيل ڪونهي، ۽ امڪان آهي ٿ باهر جا ماڻ روشن ڪيا ويندا هجن، چاڪاڻ ته مٿين مصنف جو هڪ همعصر اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪرڪميڪائيل ضلعي ۾، جو لاگيئريٽ ضلعي سان اوپر طرف مليل هو، ٻنين ۾ باهر ٻارڻ ۽ ڦيرڻ مئي ٿي هڪ مقدس ڪيڪ تيار ڪرڻ جي رسم سندس وقت ۾ بلڪل مردہ ڪانه ٿي چڪي هئي. اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اڳئين زماني ۾ مڪمل وارو ڪيڪ "بيلٽين جي ٻوڙهي عورت" کي منتخب ڪرڻ يا باهر جي شعلن ۾ سڙي مرڻ لاءِ صدقي جي پڪري جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. انهيءَ رسم جو نشان، شايد ڦيرڻين مئي ٿي جڏهن جي اڄ مان خاص قسم جي ڪيڪن تيار ڪرڻ ۽ کين منجهند جي قريب ٽڪرين جي لاهين تان هيٺ اڇلائڻ جي رسم ۾ باقي رهيل معلوم ٿئي ٿي، چاڪاڻ ته هيئن سمجهيو ويندو هو، ته جنهن ماڻهوءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڪ هيٺ ڪسڪندي ٽڻي پوندو، سو بد بخت ٽيندو يا انهيءَ سال جي دوران ۾ مري ويندو. اهي ڪيڪ، دستوري نموني سان تيار ڪيا ويندا هئا، پر انهن کي آڻڻ، ڪير يا ملائيءَ ۽ "اوٽس" جي اڻي جي پڙيءَ آميزش ۾ پوڙيو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو ته اها رسم انورين - شايد ۾ ڪنڪسيءَ وٽ يا ان جي قريب اڃا ۾ عام آهي.

اسڪاٽلنڊ جي اتر اوپر ۾ "بيلٽين" باهيون ارڙهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ واري زماني تائين ۾ ماريون ويندڙيون هيون. مختلف پنين جا ڏنار خشڪ ڪاڻون جمع ڪري، ٻاهه ماريندا هئا ۽ هرندڙ مڇ جي چوڌاري، "ڏاکڻين طرف" ڪان شروعات ڪري، ٽي ڦيرا پائيندا هئا. پر هن علائقي ۾، بعد جي هڪ اختياريءَ مطابق، "بيلٽين" باهيون قديم طرز واري ڪئلينڊر جي مئي مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي ٿي، پر هيءَ تاريخ تي ماريون ويندڙيون هيون. ماڻهن جو عام اعتقاد هوندو هو ته انهيءَ شام ۽ رات جو ڊائنٽيون ٻاهر گهمندڙيون ڦرندڙيون هيون ۽ چوپائي مال تي جادو ڪرڻ ۽ سندن کير چورائڻ ۾ مصروف رهندڙيون هيون. سندن شرارتن جي علاج ڪرڻ لاءِ (۱) "روان - ٽري" ۽ (۲) "وڊ - بائين" ٽالي ٻن وڻن، ۽ خاص طور "روان - ٽري" جا ڇوڪرا مال جي واڙن جي دروازن ۾ لٽڪايا ويندا هئا ۽ هڪ ڪڙمي ۽ جهوپڙي نشين ٻاهه جا مڇ ماري چڏيندو هو. مختلف قسمن جا گاهه، پلار

(۱) "روان ٽري (Rowan Tree) هڪ ٻاڦلو وڻ، جو اسڪاٽلنڊ جي ٻهاڑين ۾ گهٽو ٽيندو آهي.

(۲) هڪ قسم جي جهنگلي جڙي ٻوٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جھنگلي پوڻن جي ڪالين جا ڊير گڏ ڪيا ويندا ھئا، جن ڪي شام ٽيڻ ڪان ٽورو پوءِ باھ لڳائي ويندي ھئي. ھڪ طرف، ڪي تماشائي پرندڙ گاھ ۽ ڪالين ڪي ھيٺ مٽي ڪندا ھئا، تہ ٻئي طرف ڪي ٻيا ماڻھو لوھ جي ڏانداڙين يا لڪڙن تي پرندڙ سچ مان ٽوري باھ ڪٽي ھيڏانھن ھوڏانھن ڊوڙندا ھئا ۽ ان ڪي جيترو ٿي سگھندو ھين، اوترو زياده مٽي جھليندا ھئا. انھيءَ وچ ۾ نوجوان ماڻھو باھ جي چوڌاري نچندا ھئا يا ڊوڙندا ۽ رڙيون ڪندا، ھيئن چوندا ھئا تہ "اي باھ! ڏانڊين ڪي ساڙ". ڪن ضلعن ۾ "اونس" يا جَوَن جي انڊي سان رڪ ملائي، ھڪ وڏو گول ڪيڪ تيار ڪيو ويندو ھو. جڏھن ھارڙ جون ڪاڻيون ۽ گاھ وغيره سڀ سڙي رڪ ٿي ويندا ھئا، تڏھن ماڻھو انھيءَ رڪ ڪي دور دور تائين ٽيڙي پکيڙي ڇڏيندا ھئا ۽ جڏھن رات بلڪل اونداھي ٿي ويندي ھئي، تڏھن اھي انھيءَ رڪ ڪي ٻيرن سان اڏائيندا ھيئن چوندا ھئا تہ "باھ! ڏانڊين ڪي ساڙ!"

ھيبرائيڊس ٻيٽن ۾ 'بيلٽين' ڪيڪ انھيءَ ڪيڪ ڪان ننڍو ھوندو آھي، جو سينٽ ميڪائيل جي تقريب تي ٺاھيو ويندو آھي، پر ان جي ٺاھڻ جو طريقو ساڳيوئي ھوندو آھي، اھو ڪيڪ يوئيسٽ ۾ ھن وقت ڪونہ ٺاھيو ويندو آھي، پر فادر ائلن ٽالي ھڪ پادري چوي ٿو تہ ڪيس ياد آھي تہ اٽڪل پنجويھ سال اڳ ھن پنھنجيءَ ڏاڏيءَ ڪي اھڙو ڪيڪ ٺاھيندي ڏٺو ھو. پھرين مٽي تي پنير پڻ ٺاھيو ويندو ھو، جنھن ڪي ڪير مان ڏھندڙ سينگي شين ڪي جادوءَ جي اثر ڪان بچائڻ لاءِ. اينڊرڙ سال جي "بيلٽين" تقريب تائين محفوظ رکيو ويندو ھو. معلوم ٿي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ "بيلٽين" رسمون هتي ٻ اهڙيون ئي هيون، جهڙيون ٻين سڀني هندن تي هونديون هيون. هرهڪ باهه گل ڪئي ويندي هئي ۽ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ وڏو ڏانڊ ٻاريو ويندو هو، جنهن جي چوڌاري چوپائي مال کي سڄ طرف ڦيريون ڏياريون ويندیون هيون، تہ جيئن اهي سڄي سال تائين بيماريءَ کان محفوظ رهن. هرهڪ ماڻهو انهيءَ ڏانڊ مان ٿوري باهه گهر ڪٽي ويندو هو، جنهن سان هو پنهنجي گهر جي ٽئين باهه روشن ڪندو هو.

ويلس ۾ ٻڻ مئي مهيني جي شروعات ۾ "بيلٽين" باهين ٻارڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، ۽ جنهن ڏينهن اهي باهيون ٻاريون ويندیون هيون، سو مئي مهيني جي ٻهرينءَ تاريخ کان وٺي ٽينءَ تاريخ تائين ڦرندڙ گهڙندڙ هوندو هو. باهه جو شعلو ڪڏهن ڪڏهن شاه بلوط جي ڪاٺيءَ جي ٻڻ ٽڪرن جي رڳڙ ذريعي ڪڍيو ويندو هو، جيئن هيٺئين بيان مان معلوم ٿئي ٿو: "باهه هن طرح ٻاري ويندي هئي. نسوَ ڇٽا پنهنجن ڪيسن کي اونڌو ڪري باهر ڪڍندا هئا ۽ هيءَ خاطري ڪندا هئا تہ سندن بدن تي ڪوبہ پٺسو، ٻائي يا ڏاتوءَ جو ڪوبہ ٽڪر باقي ڪونہ رهيو هو. ٻوءِ اهي پيلي ڏانهن ويندا هئا ۽ نون قسمن جي وڻن جون ڪاٺيون جمع ڪندا هئا. ٻوءِ اهي انهن کي انهيءَ جاءِ ڏانهن ڪٽي ويندا هئا، جتي ڪين باهه ٻارڻي هوندي هئي. انهيءَ هنڌ نرم زمين ۾ هڪ گول ڪڍ کٽيئن ويندي مٽي ۽ اهي ڪاٺيون ان مٿان آرپار رکيون ويندیون هيون. گول ڪڍ جي چوڌاري ماڻهو بيهي اها ڪارروائي ڏسندا هئا. نون ماڻهن مان هڪ ڇٽو ٻوءِ شاهه بلوط جي ڪاٺيءَ جا ٻہ ٽڪر ڪٽي، هڪ ٻئي سان گسائيندو هو، تانجو انهن مان باهه نڪرندي هئي. اها باهه انهن ڪاٺين کي ڏئي ويندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ ٿوريءَ ئي ويرم کان پوءِ هڪ وڏو سچ پرڻ شروع ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي پرسان ۽ باهيون ٻاريون ويندیون هيون. اهي باهيون، خواه ۽ هوندیون هيون يا هڪ، "ڪوئلسرڪ" يا باهم جي سچ جي مقدس نالي سان سڏيون ويندیون هيون. "اوتس" جي اڇي اٽي ۽ ڪڪ جي ناسي اٽي سان جدا جدا ٿهيل گول ڪيڪن کي چڻن چٽن ٽڪرن ۾ تقسيم ڪري، اٽي جي ڳوڙ ۾ وڏو ويندو هو ۽ حاضرين سان هڪ هڪ کي ڳوڙ منجهان هڪ ٽڪر باهر ڪڍڻو هوندو هو. ڳوڙ ۾ باقي بچيل آخرين ٽڪر ڳوڙ جهلڻ واري جي قسمت ۾ ايندو هو. اهڙي هرهڪ ساٿهوءَ کي، جنهن جي هٿ ۾ ڪڪ جي اٽي واري ڪيڪ جو ٽڪر ايندو هو، باهم جي مٽان ٻي دفعا ٽپڻو پوندو هو يا وري ڪيس ۾ باهين جي وچ سان ٻي دفعا ڊوڙڻو پوندو هو، چاڪاڻ ته آڳاتن جا ساٿهو سمجهندا هئا ته انهيءَ ذريعي سان هلندڙ سال ۾ ڀرپور فصل ٿيندا. جن ساٿهن کي انهيءَ آزمائش سان گذرڻو پوندو هو، تن جون دانهون ۽ ڪوڪون دور دور تائين ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون ۽ جيئن اهي ساٿهو، جن کي ڪڪ جي اٽي جي ڪيڪ جا ٽڪر هٿ ايندا هئا، شعلن جي مٽان ٻي دفعا ٽپ ڏيندا هئا يا ٻن باهين جي وچ سان ٻي دفعا ايندا ۽ ويندا هئا، تڏهن "اوتس" جي ڪيڪ وارن ٽڪرن جا مالڪ خوش ٿي ڳائيندا، نچندا ۽ تاڙيون وجائيندا هئا."

ساٿهن جو هيءَ اعتقاد، ته باهم جي سچن مٽان ٻي دفعا ٽپڻ يا انهن جي وچان ٻي دفعا ڊوڙڻ سان، کين پلي فصل جي خاطري ٿيندي، قابل غور آهي. جنهن طريقي سان اهو نتيجو رونما ٿيندڙ سمجهيو ويندو هو، تنهن ڏانهن ويلس جي لوڪ - ڪٿائن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ ٻئي ماهر مصنف ۽ اشارو ڪيو آهي، جنهن جي قول مطابق ماڻهن جو هيءُ ويساهه هو تہ "مئي مهيني" يا "وچ اونهاري" ۾ جيڪي ٻاهين جا ڇڄ ٻاريا ويندا، سي ٻنين کي جادوءَ جي شر کان بچائيندا، جنهن ڪري فصل پلا ٿيندا. رک کي ٻڌ جادوءَ جي خلاف ٽوڪي هڻڻ جي حيثيت ۾ قيمتي سمجهيو ويندو هو." چنانچہ، معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهو ائين سمجهندا هئا تہ ٻاهين جي گرمي زمين اندر ٻجن جي واڌاري ۾ تيزي پيدا ڪري، سڏيءَ طرح تہ، پر جادوءَ جي اثر کي زائل ڪري يا شايد ڏانڪين جي جسمن کي ساڙي، اڻ سڏيءَ طرح ٻنين کي پلو ڪندي.

معلوم ٿئي ٿو تہ "بيلٽين" ٻاهيون آئرلنڊ ۾ ٻ ٻاريون ويندڙيون هيون، ڇاڪاڻ تہ ڪورمڪ "يا سندس نالي ۾ ٻيو ڪو چوي ٿو تہ 'بيلٽين' کي 'نصيب واري ٻاهہ' يا 'ٻن ٻاهين' جا نالا ٻ ڏنا ويا هئا، جي 'ايرن' ۾ مقيم ڊرؤئڊ مذهب جا مجيندڙ وڏن جنترن منترن سان اُنهيءَ ڏينهن تي ٻاريندا هئا. هو وڏيڪ چوي ٿو تہ اهي ماڻهو چوپائي مال کي ٻڌ انهن ٻاهين ڏانهن وٺي ايندا هئا ۽ کين ٻن ٻاهين جي وچ مان لنگهائي وٺي ويندا هئا، تہ جيئن اهي سڄي سال جي دوران ۾ بيمارين کان محفوظ رهن." مئي مهيني جي ٻهرينءَ تاريخ تي يا ان کان اڳئين ڏينهن واريءَ شام تي چوپائي مال کي ٻاهہ مان يا ٻن ٻاهين جي وچ مان لنگهائڻ جي رسم اسان جي يادگيريءَ واري زماني تائين آئرلنڈ ۾ ادا ٿيندي رهي.

مئي مهيني جو ٻهريون ڏينهن سڀني جي زياده اندروني ۽ جنوبي علائقن ۾ هڪ وڏيءَ ۽ عام تقريب جو موقعو هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقريب جي ڏينهن شام جو سڀني ٽڪرين ۾ اوچن ڏڻن مٿان باھ جا وڏا مچ ٻاريا ويندا آھن، جيڪي ٻن پٽرن کي ھڪ ٻئي سان ٽڪرائڻ ذريعي روشن ڪيا ويندا آھن. ھرھڪ وڏي ڳوٺ کي پنھنجو پنھنجو مچ ھوندو آھي، جنھن جي چوڌاري نوجوان ماڻھو گول چڪر ۾ نچندا آھن. پوڙھا ماڻھو وري ھيءَ جاچ رکندا آھن تہ باھ جي شعلن جو رخ اتر طرف ٿئي ٿو يا ڏکڻ طرف. پھرينءَ حالت ۾ بھار جي موسم سرد ٿيندي ۽ مقرر وقت کان پوءِ شروع ٿيندي ۽ پوئينءَ حالت ۾ اھا معتدل ۽ وٽندڙ ٿيندي. بوھيميا ۾ پھرينءَ مئي کان ھڪ ڏينھن اڳ واريءَ شام جو، نوجوان ماڻھو ٽڪرين ۾ ڏڻن تي، رستن جي چونڪن تي ۽ ڪيتن ۾ باھيون ٻارينڊا ۽ سڀندن چوڌاري نچندا آھن. اھي ٻرندڙ ٽانڊن مٿان يا شعلن وچان ٽپ ڏيندا آھن. انھيءَ رسم کي "ڊانٽئين کي ساڙڻ" سڏيو ويندو آھي. ڪن ھنڌن تي ڊانٽئين جي نمائندگي ڪندڙ ھڪ بوتي کي مچ ۾ ساڙيو ويندو ھو. اسان کي ھيءَ گالھ، ياد رکڻي آھي تہ مئي جي شام بدنام "والپرجس رات" ٿي آھي، جڏھن ڊانٽئيون ماڻھن جي نظرن کان پوشيده، دوزخي ڪاروبار سان ھرھنڌ ھوا ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن اڏامنديون ڦرنديون آھن. ڊانٽئين واريءَ انھيءَ رات تي ووئلٽلنبرگ جا ٻار بہ بلند مقامن تي باھ جا مچ ٻارينداآھن ۽ مٿانئن ٽپندا آھن. ان کان علاوہ، اھي ٻرندڙ ٻوھارن کي ھوا ۾ لوڏائيندا يا اڇلائيندا آھن. جيتريءَ دوريءَ تائين باھ جي مچ جو شعاع پھچندو، اوتري قدر دور دور ٻنين تي رحمت نازل ٿيندي رھندي. "والپرجس" رات جو انھن باھين جي ٻارڻ کي "ڊانٽئين کي ھڪالي ڪيڻ" جي نالي سان سڏيو ويندو آھي. مئي مھيني جي پھرينءَ تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي (والپرجس رات) ڏانڻين کي ساڙڻ لاءِ باهين بارڻ جي رسم ٽائرول، سوريويا، سئڪسني ۽ سليشيا ۾ عام جام ۽ دور دور تائين ڦهليل آهي يا اڄ کان ڪو ٽورو ئي زمانو اڳي تائين عام هئي.

۵- **وڇ اونهاري واريون باهيون** : پر، جنهن ڏينهن تي سڄي يورپ اندر باهم جون اهي تقريبون عام طرح گهٽي کان گهٽيون ملهايون ويٺون آهن، سو آهي اونهاري جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن، يعني "مڊسمر ايو" (۲۳ جون) يا "مڊسمر ڊي" (۲۴ جون). "مڊسمر ڊي" کي سينٽ جان دي بپٽسٽ جو نالو ڏيئي، عيسائيت جو هلڪو رنگ چاڙهيو ويو آهي، پر اسان کي هن باري ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته اها تقريب اهڙي زماني جي آهي، جڏهن عيسوي سن اڃا شروع ئي ڪونه ٿيو هو. اونهاري جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن، يا "مڊسمر ڊي" سج جي گردش جي ايام ۾ وڏي اهميت وارو ڏينهن آهي، جڏهن اهو روشن چراغ آسمان ۾ روز بروز ٽٽي ۽ اڃا زياده ٽٽي چڙهڻ کان پوءِ، ڪن ڏينهن لاءِ ساڳئي مقام تي بيهي، اتان کان پوءِ پنهنجي آسماني رستي تان پويان پير ڪري ٿو. هڪ وحشي انسان لاءِ اهڙي گهڙي، جڏهن هو آسماني گنبذ تي ڦرندڙ بن عظيم نوراني چراغن جي سفر جي راه کي غور سان جاچڻ ۽ مٿس خيال ڪرڻ شروع ڪري ٿو، فڪر ۽ انتظار جي حامل هئڻ کان سواءِ پيو ڪوبه مطلب نه ٿي رکي سگهي. هڪ وحشي انسان فطرت جي اٽاهم ڪرورتي تبديلين جي سامهون، جڏهن ڪيس اڃا پنهنجيءَ بيچارگيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تڏهن، معلوم ٿئي ٿو ته، هن اهو ئي تصور ڪيو هوندو ته هو سج کي زوال پذير ٿيڻ کان بچڻ ۾ مدد ڏيئي سگهيٿو، سندس ٽڪل ۽ ٻاندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدمن کي ٽنب ۾ ٽوٽي ڏيئي سگهي ٿو ۽ پنهنجي هٿ ۾ هڪ چراغ ڇي گل ٽيندڙ سرخ شعاع کي دوباره روشن ڪري، انهيءَ آسماني چراغ کي دوباره روشن ٽيڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿو. ٽي سگهي ٿو ته ڪجهه قدر انهيءَ قسم جي خيالن جي بنياد تي اسان جي يورپي ڪڙمين جي "مبسمر" وارين تقريبن شايد جنم ورتو هجي. سندن بنياد خواه ڪهڙو به هجي، پر آهي رسمون اڄ به ڪرهءِ ارض جي انهيءَ حصي ۾، مغرب طرف آئرلنڈ کان وٺي مشرق طرف روس تائين ۽ اتر طرف ناروي ۽ سئيڊن کان وٺي ڏکڻ طرف اسپين ۽ يونان تائين، عام جام ادا ٽيندڙيون رهن ٽيون. قرون وسطيٰ جي هڪ مصنف مطابق، "مبسمر" تقريب جون ٽي وڏيون خصوصيتون باهه جا سڃ، ٻنين جي چوڌاري مشعلن سان جاوس ۽ ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان هرندڙ ڦيٽو ڦيرائي هيٺ ڪسڪائڻ، هيون. هو ٻڌائي ٿو ته چوڪرا بدبودار دونهين پيدا ڪرڻ لاءِ هڏا ۽ مختلف قسمن جو گند ڪچرو ساڙيندا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن اعتقاد موجب، اهو دونهون ڪن اهڙين خطرناڪ بلائن کي آتان پڄائي ڪيندو هو، جي انهيءَ موسم ۾، اونهاري جي گرميءَ سبب جوش ۾ اچي، هوا جي وچ ۾ جنسي ميلاپ ڪندڙيون هيون ۽ پنهنجا ٻج ڪوهن ۽ درياهن ۾ اڇلائي، ڪين زهريلو ڪندڙيون هيون. هو هرندڙ ڦيٽي جي ڦيرائڻ جي رسم جي هيءَ معنيٰ ڏئي ٿو ته سڃ، پنهنجي گردش جي عروج تي پهچڻ کان پوءِ هينئر هيٺ لهڻ شروع ڪري ٿو.

وڃ اونهاري جي باهه وارين تقريبن جون اهم خصوصيتون انهن خصوصيتن سان مشابهت رکن ٽيون، جي بهار وارين اهڙين تقريبن سان وابسته ٽيل اسين ڏسي آيا آهيون. رسمن جي انهن ٻنهي جوڙن جي هڪجهڙائي هيٺين مثالن مان صاف طور ظاهر ٽيندي.

سورهين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ حصي جو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصنف اسان کي مطلع ڪري ٿو تہ جرمنيءَ جي قريباً هر هڪ شهر ۽ ڳوٺ ۾ سينٽ جان جي رات جو عام باهم جا ميڙ پاريا ويندا هئا ۽ ٻنهي جنسن جا ننڍا ۽ وڏا، ٻوان ۽ پوڙها انهن جي چوڌاري جمع ٿي، ٻنهنجو وقت نچڻ ۽ ڳائڻ ۾ صرف ڪندا هئا. انهيءَ موقعي تي ماٿهو "مگوورٽ" ۽ "وروين" نالن وارن ٻوٽن جا هار پائيندا هئا ۽ "لارڪسپر" نالي هڪ ٻوٽي جي ڇڳن وچان، جن کي اهي هٿن ۾ جهليندا هئا، انهيءَ باهم کي ڏسندا هئا. سندن اعتقاد هو تہ ائين ڪرڻ سان سندن اکيون سڄي سال جي دوران ۾ تندرست حالت ۾ رهنديون. جئين هڪ ماٿهو آتان لنگهندو ويندو هو، تئين اهو "مگوورٽ" ۽ "وروين" کي باهم جي ميڙ ۾ اڇلائيندو، هئين چوندو ويندو هو تہ "شل منهنجيون سڀ بد بختيون دور ٿين ۽ هنن ٻوٽين سان گڏ سڙي خاڪ ٿي وڃن." لوئر ڪونز وٽ، جو موسيل جي مٿان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي واقع هڪ ڳوٺ آهي، وچ اونهاري واري اها تقريب هن طرح ملهائي ويندي هئي. سڏيءَ چاڙهيءَ واريءَ "اسٽروبرگ ٽڪريءَ" جي چوٽيءَ تي گاهم ۽ پلال جو ڪجهہ مقدار جمع ڪيو ويندو هو. هرهڪ باشندي يا ڪم از ڪم هرهڪ گهر واري کي انهيءَ ڏينر لاءِ پلال جو حصو ڏيڻو پوندو هو. رات ٿيڻ وقت، ڳوٺ جا سڀ نر باشندا، مرد ۽ چوڪرا، ڪمرکشي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويندا هئا. عورتن ۽ چوڪرين کي ساڻن شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي، پر کين لاهيءَ جي اڏ وٽ واقع، هڪ چشمي وٽ بيهڻو پوندو هو. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ زبردست ٿيڙو بيڙو هوندو هو، جو سڄو سارو انهيءَ پلال ۾ ويڙهيل هوندو هو، جنهن ۾ سيني ڳوٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جو حصو شامل هوندو هو. باقي پلال مان مشعلون ٺاهيون ويندیون هيون. ڏيٽي جي ٻنهي طرفن کان ٽن فوٽن جي ڏيگهه جون ڪاسون باهر نڪتل هوندیون هيون، جي ڏيٽي جي هيٺ لهڻ وقت، چوڪرن جي هٿن ۾ هڪ قسم جي دستن جو ڪم ڏيندیون هيون، جن کي جهلي اهي ڏيٽي کي پوري رستي تان هيٺ لاهيندا هئا. پر واري "سيرڪ" نالي هڪ شهر جو ميئر، جنهن کي سندس خدمتن لاءِ هميشه آلو بخارن جو هڪ ٽوڪرو ڏنو ويندو هو، مقرر اشاروڏيندو هو، هڪدم هڪ برندڙ مشعل ڏيٽي کي ڏيکاري ويندي هئي ۽ جيئن ئي ان مان باهه جا شعلا بلند ٿيندا هئا، تيئن ئي جوان، قوي الجثه ۽ تيز رفتار چوڪرا ڏيٽي جي ٻنهي دستن کي پڪڑي، ان سان گڏ لاهيءَ تان هيٺ ڊوڙڻ شروع ڪندا هئا. هڪ وڏو شور برپا ٿي ويندو هو. هرهڪ سرد ۽ چوڪرو برندڙ مشعل هٿ ۾ جهلي، مٿي هوا ۾ اڏائيندو رهندو هو ۽ اها خبرداري ڪندو هو ته جيسين ڏيٽو ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان گسڪندو هيٺ پهچي، تيسين سندس مشعل روشن رهي، جيڪي جوان سرد ڏيٽي جي رهنمائي ڪندا هئا، تن جو وڏو مقصد اهو هوندو هو ته برندڙ ڏيٽي کي سڌوئي موسيل جي پاڻيءَ ۾ وڃي اڇلائجي، پر اهي پنهنجيءَ ڪوشش ۾ تمام مشڪل ڪامياب ٿيندا هئا، چاڪاڻ ته رستي تي جيڪي انگور جون وليون هوندیون هيون، سي جيئن ته لاهيءَ جي اڪثر حصي تي چانيل هيون، ان ڪري اهي سندن رفتار ۾ رڪاوٽ ٿابت ٿيندیون هيون ۽ ندييءَ تائين پهچڻ کان اڳي ئي ڏيٽو گهٽو ڪري سڙي، وسامي ويندو هو. جيئن اهو ڏيٽو چشمي وٽ ٻئل عورتن ۽ چوڪرين جي پاسي کان ترڪندو ۽ ڦرندو لهندو ويندو هو، تيئن-اهي خوشيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا نعرا بلند ڪندیون هیون، جن جي جواب ۾ جبل جي چوٽيءَ تي ٻيٺل مرد ب نعرا بلند ڪندا هئا. انهن نعرن جي جواب ۾ وري پاسي وارن ڳوٺن جا رهاڪو ب جواب ڏيندا هئا، جي موسيل ندي جي پرينءَ پر تي پنهنجين ٽڪرين تان بيهي انهيءَ نظاري جو تماشو ڏسندا هئا. جيڪڏهن هرندڙ قيٽي کي ڪاميابيءَ سان درياه جي ڪناري تائين پهچائي، ان جي پاڻيءَ ۾ وسايو ويندو هو، تہ ماڻهن کي انهيءَ سال انگور جي پربور فصل جي اميد ٿيندي هئي. ڪونڊ جي باشندن کي آس پاس جي انگور جي منهن مان اڇي شراب جي پريل گاڏي حاصل ڪرڻ جو حق پهچندو هو. ٻئي طرف، سندن اعتقاد هو تہ جيڪڏهن اهي انهيءَ رسم جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندا، تہ سندن چوپائي مال تي مختلف بيمارين جو حملو ٿيندو ۽ ڏور پنهنجن وٽاڻن ۾ ٽپ ڏيندا رهندا.

ٻوڙيرا جي ٻالائي حصي ۾، وچ اونهاري واريون ٻاهيون، ويندي اٺويهين صديءَ جي نصف حصي تائين، پنهنجا شعلا بلند ڪندیون رهيون. اهي ٻاهيون خاص طور جبلن تي ٻاريون ويندیون هيون، پر ان سان گڏ ميدانن ۾ ب ڏور ڏور تائين روشني ڪيون ويندیون هيون. اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ رات جي اونداهيءَ ۽ خاموشيءَ ۾، هيڏانهن هوڏانهن ڦرندر گهڙندڙ ماڻهن جي گروهن جو نظارو، جي ٽمڪندڙ شعلن جي ڦڙ ڦڙ ڪندڙ روشنائيءَ جي شعاع ۾ نظر ايندا هئا، عجيب و غريب ۽ اثر انداز هوندو هو. بيمار جانورن کي صحتمند ڪرڻ ۽ صحتمند جانورن کي سڄي سال جي دوران ۾ بيماريءَ ۽ هر قسم جي ضرر ڪان محفوظ رکڻ لاءِ، باهم مان گهمايو ويندو هو. گهٽيءَ گهر وارا انهيءَ ڏينهن تي گهر جي چلهين مان باهم وسائي چڏيندا هئا ۽ ان کي وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهاري واريءَ باهم جي مڇ ماڻ نڪتل هڪ بندڀءَ ذريعي دوباره روشن ڪندا هئا. ماڻهو انهيءَ سال جي "فلڪس" جي ڀوڻ جي اوڇائيءَ جو اندازو باهم جي شعلن جي اوچائيءَ مان ڳڻائيندا هئا. جيڪو ماڻهو ٻرندڙ مڇ سڀاڻ ڏيندو هو، تنهن کي اها خاطري رهندي هئي ته لاباري لڻڻ وقت ڪيس پئيءَ ۾ سور هرگز ڪونہ پوندو. ٻئويريا جي گهٽن حصن ۾ هيءَ اعتقاد عام هو ته "فلڪس" جا ڀوٽا ايترا اوچا ٿيندا، جيتريءَ اوچائيءَ تائين نوجوان ماڻهو باهم جي مڇ مٿان ٽپا ڏيندا. ڪن ٻين حصن ۾ وري پوڙها ماڻهو باهم جي مڇ ماڻ تي سڙيل ڪاڏيون ڪيڙي ٻنين ۾ ڪوڙيندا هئا ته ڪين يقين هوندو هو ته "فلڪس" جا ڀوٽا ڊگها نڪرندا. ڪن ٻين هنڌن تي مڇ جي وسايل ڪاڻي گهر واريءَ جاءِ جي ڇت ۾ هن لاءِ رکي ويندي هئي، ته گهر جي جاءِ باهم لڳڻ کان محفوظ رهي. ووزبرگ جي آس پاس وارن شهرن ۾ باهم جا مڇ بازارين جي چونڪن ۾ پاريا ويندا هئا ۽ جيڪي نوجوان انهن مٿان ٽپندا هئا، سي گلن، خاص طرح "مگوورٽ" ۽ "وورين" جا هار پائيندا هئا ۽ هٿن ۾ "لارڪسپر" جي ڀوڻي جون سنهيون شاخون ڪٽندا هئا. سندن اعتقاد هوندو هو ته جيڪي ماڻهو ٽورو "لارڪسپر" ڀوٽو جهلي، ان جي پڻ وچان باهم جي مڇ ڏانهن نهارينڊو، تنهن کي سڄي سال جي دوران ۾ اکين جو ڪوبہ مرض ڪونہ ستائيندو. ان کان سواءِ سورهين صديءَ ۾ ووزبرگ ۾ هيءَ رواج هوندو هو ته اتان جي "بشپ" جا پوٽلڳ شهر جي پاسي واري جبل جي چوٽيءَ تي بيهي، ڪاڪ جون ٻرندڙ ٽالهيون هوا ۾ اڇلائيندا هئا. ٽالهين کي لڇڪيدار لڻين ذريعي هوا ۾ چوڙيو ويندو هو، جي اونداهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي پرواز جي دوران ۾ باهم جي بلائن جو نظارو پيش ڪندو هيون.

ساڳيءَ طرح سوايا ۾ جوان چوڪرا ۽ چوڪريون، هڪ ٻئي جا هٿ پڪڙي، وچ اونهاري وارن باهم جي مچن مٿان ٽپ ڏيندا هئا ۽ هيءَ دعا ڪندا هئا ته فلڪس جو هوتو تي *"ايل" اوچو ٿئي. اهي ڪڪن مان ٺاهيل ڦيٽن کي باهم ڏيئي ٽڪرين جي لاهين تان هيٺ ڪسڪائي. ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهي، جڏهن ماڻهو وچ اونهاري جي باهم جي مچن مٿان ٽپ ڏيندا هئا، تڏهن بلند آواز سان هيئن چوندا هئا، "فلڪس! فلڪس! شل فلڪس هن سال ست "ايل" اوچي نڪري!" روٽينبرگ ۾ انساني صورت جو هڪ بي ڊولو هوتو گلن ۽ ويڑهيو ويندو هو، جنهن کي چوڪرا وچ اونهاري جي باهم ۾ ساڙيندا هئا ۽ پوءِ آهي پاڻ باهم جي مچ مٿان ٽپ ڏيندا هئا.

ساڳيءَ طرح بيڊن ۾ ۽ "سينٽ جان ڊي" تي ننڍا ٻار وچ اونهاري جي باهم جي مچ لاءِ هر گهر مان ڪاٺيون گڏ ڪندا هئا. چوڪريون ۽ چوڪرا جوڙيون ٺاهي باهم جي مٿان ٽپ ڏيندا هئا. پين هنڌن وانگر، هتي به، باهم جي انهن مچن ۽ لاباري وارين رسمن جي درميان تعلق ڏاڍو ويو آهي. ڪن هنڌن تي اهو خيال ڪيو ويندو هو ته جيڪي ماڻهو انهن باهين مٿان ٽپي ويندا، تن کي لاباري لڳ وقت ٻڌيءَ ۾ سور ڪونه پوندو. ڪڏهن وري، جيئن جيئن جوان ماڻهو شعان مٿان ٽپ ڏيندا هئا، تيئن تيئن

* مختلف ملڪن ۾ مختلف ڏيگهن جي ماپ، جا گهٽو ڪري ڪپڙي ماپڻ جي ڪم ايندي آهي ۽ انڪل روءِ هڪ وال کان هڪ يا به انچ وڏي ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلند آواز سان هيئن چوندا هئا، "وَڏو" تم فلڪس جو ٻوڙو ٽي وال اوچو ٿيو!" هيءَ نظريو ٻيڙن ۾ عام جام ڦهليل نظر اچي ٿو تم فلڪس يا آنَ جو ٻوڙو اوتري قدر اوچو ٿيندو، جيتري قدر شعلا بلند ٿيندا يا جيتري قدر جوان ماڻهو باهم مٽان اوچا ٽپ ڏيندا. اهو ٻ اعتقاد هو تم اهڙن نوجوان ماڻهن جي پيڙن جا فصل سيني ڪان زياده پلا ۽ پرپور ٿيندا، جيڪي ٻين سيني نوجوانن ڪان باهم مٽان زياده اوچا ٽپ ڏيندا. ٻئي طرف، جيڪڏهن ڪو ماڻهو باهم جي سڃ لاءَ پنهنجو ڪائين جو چندو ڪونہ ڏيندو هو، تم ان جي حالت ۾ وري هيءَ خيال ڪيو ويندو هو تم سندس فصلن ۾ ڪابہ برڪت ڪانہ پرندي ۽ خاص طرح سندس فلڪس تم ايڙندي ئي ڪانہ. سٽگرهاسين جي قريب، ايڊرسليين وٽ، هڪ وڏو لڪڙو ڏرتيءَ ۾ ڪوڙيو ويندو هو، جو ڏرتيءَ تائين پڇندو هو. ٻوءِ انهيءَ پيپ کي باهم ڏني ويندي هئي ۽ حاضرين جي خوشيءَ جي نعرن جي درميان انهيءَ هرندڙ پيپ کي لڪڙي جي چوڌاري ڦيرايو ويندو هو.

ڊينمارڪ ۽ ناروي ۾ ٻ "سينٽ جان جي رات" تي وچ اونهاري جون باهيون رستن، ميدانن ۽ ٽڪرين مٽان ٻاريون ويندیون هيون. ناروي جا ماڻهو سمجهندا هئا تم اهي باهيون چوپاين ڏورن مان بيماريءَ کي تڙي دور ڪنديون. ايا تائين ٻ، جيو وجي ٿو تم "مڊسمر رات" جو ناروي جي سڄي ملڪ ۾ باهيون ٻاريون ويندیون آهن. اهي باهيون اٺهن ڏانڻين کي دور رکڻ لاءَ ٻاريون ويندیون آهن، جي انهيءَ رات ملڪ جي سيني طرفن ڪان بلاڪسبرگ ڏانهن اڏامنديون ايندیون آهن، جتي وڏي ڏائڻ رهندي آهي. سئيڊن ۾ "سينٽ جان واري رات" (سينٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئنس) سڄي سال جي سڀني راتين کان زياده خوشيءَ واري رات هوندي آهي. ملڪ جي ڪن حصن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، خاص طور بوهوس ۽ اسڪينيا جي صوبن ۽ ناروي جي سرحد جي ويجهڑائيءَ وارن ضلعن ۾ اها رات بار بار آتشبازيءَ جي سامان سازيندي ۽ باهم جي وڏن سڃن هاريندي ملهائي ويندي آهي. انهن سڃڻن کي اڳئين زماني ۾ "بالدرس بيل فائرس" (بالدرس بيلر) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اهي منهن اونداهيءَ وقت ٽڪرين ۽ اوچن ڏڙن تي هاريا ويندا آهن ۽ آس پاس جي سڄي علاقي کي پنهنجي شعاع سان روشن ڪري ڇڏيندا آهن. ماڻهو انهن باهين جي چوڌاري نچندا آهن انهن وچان ٽپ ڏيندا آهن. نورلئنڊ ۾ سينٽ جان واريءَ رات جو، رستن جي چونڪن تي باهيون هاريون ويندڙون آهن. باهم ۾ جيڪي ڪاٺيون هاريون ويندڙون آهن، سي نون مختلف قسمن جون هوندڙون آهن ۽ تماشائي ٽرولس ۽ پين بدروحن جي طاقت کي زائل ڪرڻ لاءِ، جن کي انهيءَ رات باهر ڦرندو سمجهيو ويندو آهي، باهم ۾ ڪنهيءَ جهڙو هڪ پوٽو (بارن) اڇلائيندا رهندا آهن، چاڪاڻ ته. انهيءَ پراسرار موسم ۾ جبل ڪلي پوندا آهن ۽ سندن گهرين غارن وچان اها پراسرار فوج ٽوري وقت واسطي نڪري ۽ راندين روندين ڪڏڻ لاءِ باهر نڪرندي آهي. ڪرمين جو اعتقاد آهي ته جيڪڏهن ٽرولس ۽ بدروحن مان کي ويجهڑائيءَ ۾ ڪٿي موجود هوندا، ته اهي پاڻ کي ظاهر ڪندا، ۽ جيڪڏهن هرندڙ ۽ ٽڙڪات ڪندڙ باهم جي مڇ پرسان کو جانور، مثال طور کو ٻڪر يا ٻڪري، اتفاق سان نظر اچي ويندي آهي، ته ڪرمين کي يقين ٿيندو آهي ته اهو خود "شيطان" آهي. ان کان سواءِ، هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گالھ ٻ قابل غور آھي تہ سڌيءَ ۽ سينٽ جان واري رات خاص طرح پاڻيءَ ۾ باھ جي تقريب هوندي آهي، چاڪاڻ تہ ڪن مقدس چشمن کي ان وقت ڪن عجيب و غريب طبي طاقتن سان نوازيل سمجهيو ويندو آهي، جنهن ڪري گهڻيئي بيمار ماڻهو پنهنجن مرضن کان شفايابي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ۽ غسل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن.

آسٽريا ۽ وچ اونهاري جون رسمون ۾ انهن سان واپستہ وهم ٻ جرمنيءَ وارين رسمن سان مشابهت رکندڙ آهن. چنانچہ، ٽائرول جي ڪن حصن ۽ باھ جا مچ ٻاريا ويندا آهن ۽ پرندڙ ٽالهيون هوا ۽ اڇلايون ويندیون آهن. "اِن" جي زيرين وادي ۽، اڳڙين ٽڪڑين سان ٺهيل هڪ بوتي کي گاڏيءَ ۽ رکي، "مڊسمر ڊي" تي ڪوٽ ۽ ڦيرايو ويندو آهي ۽ بعد ۽ ڪيس جلايو ويندو آهي. ڪيس "لا ٽر" جي نالي سان ڪوٺيو ويندو آهي، جنهن جي صورت کي بگاڙي ليوٽر ڪيو ويو آهي. ائمبراس ۽، جو انهن ڪوٽن سان هڪ آهي، جتي مارٽن ليوٽر کي اهڙيءَ طرح بوتي جي صورت ۽ ساڙيو ويندو آهي، جيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن توهين سينٽ جان واريءَ رات جو يارهين ۽ بارهين بجي جي درميان ڪوٽ سان لٽگهندا ۽ ٽن ڪوهن تان غسل ڪندا، ٿ اوهان کي اهي سڀ ماڻهو نظر ايندا، جن کي اٿهيءَ سال جي دوران ۽ مرڻو هوندو. گرٽنز ۽ سينٽ جان جي رات (۲۳ جون) عام ماڻهو "ٽئنرسئن" نالي هڪ گڏو ٺاهيندا هئا، جنهن کي اهي ڪوٽ ڪان ٽورو باهر هڪ ميدان ڏانهن گهلي ڪٽي ويندا هئا ۽ آتي بيهي، ڪيس اهڙن ٻوهارن سان تيسين ڪٽيندا هئا، جنجي ڪائيءَ وارن دستن کي باھ ڏنل هوندي هئي، جيسين ان کي باه لڳي وڃي، ٽائرول ۽، ريوٽ وٽ، ماڻهن جو عام اعتقاد هوندو هو تہ اهي وچ اونهاري جي باھ جي مچ ستان جيتريءَ بلنديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ٽپ ڏيندا، اوتريءَ بلنديءَ تائين فلڪس جا پوٽا ڏيکا ٿيندا ۽ اهي ٻاهر جي مڇ مان پريل ٻنڊ ڪيڻ، ساڳيءَ ٻي رات ۾ پنهنجين پنين ۾ ڪوڙيندا هئا ۽ انهن کي تيسين اتي رهڻ ڏيندا هئا، جيسين فلڪس جو فصل لڄي، سندن گهر ايندو هو. لوئر آسٽريا ۾ ٻاهر جا مڇ اوچين جاين تي ٻاريا ويندا آهن ۽ چوڪرا انهن جي چوڪاري راندين روندين ڪندا ڪڏندا ۽ ڏاهر ۾ ٻڌل ۽ روشن ڪيل شمعون ڦيرائيندا گهمندا آهن. جيڪو ۾ ماڻهو ٻاهر ميدان تي پيرا ٽپ ڏيندو آهي، سو ائين سمجهندو آهي ته هو انهيءَ سڄي سال جي دوران ۾ تپ جو شڪار ڪونہ ٿيندو. گاڏين جي ٽڪر کي ڏاهر ٽڪيو ويندو آهي، پوءِ ڪين ٻاهر ڏني ويندي آهي ۽ انهيءَ پرندڙ حالت ۾ انهن کي ٽڪرين جي لاهين تان ڦيرائي هيٺ ڪسڪايو ويندو آهي.

بوهيميا جي ڪنڊ ڪڙ ۾ اڃا تائين "سڀسمر رات" تي ٻاهيون ٻارين ويندين آهن. ٻن ٻهرن کان پوءِ چوڪرا هڪ ٿٻ گاڏي ڪاهي هڪ ڪان ٻئي گهر ڪائين گڏ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن ۽ جيڪو ٻ بدمزاج بخيل ڪين اها خيرات ڏيڻ کان انڪار ڪندو آهي، تنهن کي اهي ٻرن نتيجن جي ڌمڪي ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن نوجوان ماڻهو ٻيلي ۾ وڃي هڪ سنهو سڏو ۽ ڊگهو "فر" وڻ ڪيرائي، ڪنهن ڏڙي تي وڃي ڪوڙيندا آهن. جتي چوڪريون ان کي گلدستن، پنن جي هارن ۽ ڪپڙي جي ڳاڙهين پٽين سان سينگاريندڙيون آهن. پوءِ ان جي چوڪاري ڪندا ۽ گاهه وغيره جمع ڪيو ويندو آهي ۽ رات ٿيڻ وقت انهن سيني کي ٻاهر ڏني ويندي آهي. جڏهن شعلا ڀڙڪي اٿندا آهن، تڏهن نوجوان مرد انهيءَ وڻ تي مٽي چڙهي ويندا آهن ۽ انهن هارن کي هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهي ايندا آهن، جي چوڪرين ان کي ٻڌا هوندا آهن. ان کان پوءِ چوڪرا ۽ چوڪريون باهم جي ٻنهي ڪنارن کان هڪ ٻئي جي سامهون ٽي ٻيهندا آهن ۽ انهن هارن وچان هڪ ٻئي کي هن لاءِ ڏسندا آهن تہ اهي هڪ ٻئي سان وفادار رهندا ۽ انهيءَ سال جي دوران ۾ شادي ڪندا يا نہ. ان کان سواءِ، چوڪريون باهم جي مٽان گلن جا هار مردن طرف اڇلائيندا هونديون آهن ۽ شل نہ ڪو بي ڍنگو بدنصيب انهيءَ هار کي جهلڻ ۾ ناڪامياب ٿئي، جو سندس محبوبہ ڏانهنس اڇلايو هوندو. جڏهن شعلا هيٺ لهي ويندا آهن، تڏهن هرهڪ جوڑو هٿ ۾ هٿ ڏيئي، ٽي مرتبا باهم جي آرپار ٽپ ڏيندو آهي. جيڪو چوڪرو يا جيڪا چوڪري اهو ڪم ڪندي، سا سڄي سال جي دوران ۾ هر دڪ ۽ درد کان دور رهندي ۽ فلڪس جا ٻوٽا ايتري قدر اوچا ٿيندا، جيتري قدر نوجوان مرد ۽ چوڪريون اوچا ٽپ ڏيندڙيون. جيڪا چوڪري "مڊسمر رات" تي باهم جا نَوَ سڃ ڏسندي، سا انهيءَ سال جي پڄاڻيءَ کان اڳ شادي ڪندي. ماڻهو باهم جي لهسيل هارن کي گهر ڪٽي ويندا آهن، جن کي آهي سڄي سال تائين احتياط سان سنڀالي رکندا آهن. گجگوڙي طوفانن جي وقت هار جي هڪ ٽڪر کي گهر جي چلهہ ۾ ساڙيو ويندو آهي ۽ ان سان گڏ دعا گهري ويندي آهي، انهن مان ڪجهہ حصو بيمار يا آلوڙين ڳئن کي ڏنو ويندو آهي ۽ ڪجهہ گهرن ۽ ديورن جي واڙن کي واس ڏيڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، تہ جئين ماڻهو ۽ ڍور تندرست ۽ خوش رهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن پراڻيءَ گاڏيءَ جي ڦيٿي کي لاڪ ٿڦي، باهم ڏيئي، ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ ڪڪايو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڻو ڪري چوڪرا ڳوٺ جي سڀني پراڻن ٻوهارن کي جمع ڪري ڈامر ۾ ٻوڙي، باهه ڏيئي، هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندا ۽ لوڏائيندا آهن يا هوا ۾ ٽڪي اڇلائيندا آهن يا وري اهي گروهن جي صورت ۾ ٽڪرين جي لاهين تان هيٺ ڊوڙندا، ٻريل ٻوهارا لوڏائيندا ۽ رڙيون ڪندا، پڇندا وتندا آهن. سڙيل ٻوهارن جا باقي بچيل دستا ۽ باهه جي مڇن سان باقي بچيل بنڊيون محفوظ رکيون ويندیون آهن، جي گوبين جي باغن ۾ ڪوڙيون ويندیون آهن، تہ جئين گوبيون جيتن ڪان بچي وڃن. ڪي ماڻهو وڃ اونهاري وارين باهين جي سڙيل ڪائين ۽ رک ڪي پنهنجين پوکيل پنين ۽ ڪيتن، پنهنجن باغن ۽ جاين جي چتين ۾ وڃ ۽ خراب آب و هوا ڪان محفوظ رهڻ لاءِ طلسم طور وجهندا آهن يا وري اهي هيئن سمجهندا آهن تہ گهر جي چت ۾ پيل اها رک گهر اندر ڪنهن ٻ باهه جي پيٽ ڪي لڳڻ نہ ڏيندي. ڪن ضلعن ۾ وري، جڏهن وڃ اونهاري واري باهه ٻري رهي هوندي آهي، تڏهن اتان جا ماڻهو "مگوورٽ" نالي هڪ ٻوٽي پنهنجن مٿن سان تاج وانگر ٻڌندا آهن يا وري ان جو ڪمر ٻڌو ٿاهي، چيلهه سان ٻڌندا آهن، چاڪاڻ تہ ان کي ڈاڻڻين، بدروحن ۽ بيماريءَ خلاف بچاءَ سمجهيو ويندو آهي. مختصر ڳالهه، تہ "مگوورٽ" جي هار کي اٽيل اڪين لاءِ هڪ يقيني حفاظتي قدم سمجهيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن چوڪريون باهه جي مڇن کي جهنگلي گلن جي هارن وچان ڈسندیون آهن ۽ باهه ڪان دعا گهرنديون آهن تہ اها سندن اڪين ۽ چپرن کي مضبوط ۽ طاقتور ڪري. جيڪا چوڪري ٽي دفعا اٽين ڪندي، تنهن جون اڪيون سڄي سال جي دوران ۾ نہ اٽنديون. ٻوهيميا جي ڪن علائقن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ماڻهو ڪٿن کي جادوءَ کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪين اونهاري جي باھ جي سڃ وچان لنگهائيندا هئا.

"سلئو" نسل وارين قومن جي ملڪن ۾ ان وچ اونهاري واري تقريب ساڳين رسمن سان ملهائي ويندي آهي. آسين اڳي ئي ڏسي آيا آهيون ته روس ۾ سينٽ جان واريءَ رات تي جوان مرد ۽ ڪنواريون چوڪريون "ڪوپالو" جو ڪڪن سان ٺهيل مجسمو پنهنجين بانهن تي رکي، باھ جي سڃ مٿان ٽپندیون آهن. روس جي ڪن علائقن ۾ سينٽ جان واريءَ رات تي "ڪوپالو" جو مجسمو ساڙيو ويندو آهي يا ڪنهن وهندڙ ڪسيءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي. وري، روس جي ڪن ضلعن ۾، جوان ماڻهو، جڏهن باھ يا دونهين مٿان ٽپ ڏيندا آهن، تڏهن گلن جا هار پائيندا آهن يا مقدس ٻوٽين جا ڪمربند ٻڌندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي پنهنجي چوپائي مال کي جادوگرن ۽ ڏانڻين جي شر کان محفوظ رکڻ لاءِ، جي انهيءَ وقت ڪير پيئڻ پٽيان چٽيون هوندیون آهن، باھ وچان لنگهائيندا آهن. لٽل رشيا ۾، سينٽ جان واريءَ رات تي هڪ ڪلو زمين ۾ کوڙيو ويندو آهي، جنهن کي ڪڻ ۾ ويڙهي باھ ڏني ويندي آهي. جيئن شعلا بلند ٿيندا آهن، تيئن ڪڙمي زالون انهن ۾ "برچ" وڻ جون ٽاريون وجهنديون ويندیون آهن ۽ هيئن چوندیون آهن، "شل منهنجي فلڪس ايتري اوچي ٿئي، جيتري هيءَ ٽاري"! روٽينيا ۾ باھ جا سڀ انهيءَ چٽنگ سان ٻاريا ويندا آهن، جا ڪائيءَ جي ٻن ٽڪرن جي گسائڻ سان حاصل ڪئي ويندي آهي. جڏهن مجمع جا ٻوڙها ۽ اڳوان باھ کي اهڙيءَ طرح "ولوڙڻ" ۾ مصروف هوندا آهن، تڏهن باقي پيا ماڻهو احتراماً خاموش رهندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. پر جڏهن کاٽ مان باه پڙڪي نڪرندي آهي، تڏهن اهي ٻ خوشيءَ جا راڳ گائڻ شروع ڪندا آهن. جيئن ئي باه جا ڇڻ هڻڻ لڳندا آهن، تيئن ئي نوجوان جوڙا هڪ ٻئي جا هٿ پڪڙي، باه جي شعلن وچان نڪري، تم ٻ دونهين وچان ٽپ ڏيڻ شروع ڪندا آهن. ان کان پوءِ وري چوپاين جانورن کي سندن واري اچڻ تي، باه وچان لنگهايو ويندو آهي.

پرشيا ۽ لٿوانيا جي گهٽن حصن ۾ "ٻڏسمرراٽ" تي باهه جا وڏا ڇڻ هاريا ويندا آهن. جيستائين نظر ويندي آهي، تيستائين سپيئي درڙا ۽ اوچيون جايون باهه جي شعاع ۾ روشن هوندیون آهن. انهن باهين کي جادوءَ، ڪجڪوڙ، ڪڙي ۽ چوپاين جانورن جي بيمارين خلاف بچاءَ سمجهيو ويندو آهي، خاص طرح جيڪڏهن ٻئي ڏينهن صبح جو ڏورن کي انهن جاين تان لنگهايو ويندو آهي، جتي گذريل رات تي باهيون روشن ڪيون ويٺون هيون. سڀني ڳالهين کان قطع نظر، ڪڙميءَ وٽ اهي باهيون ڏانڊين جي شرارتن خلاف، جي پنهنجن ٽوڻن ڦيٽن ذريعي سندس ڳٽن جو ڪير چورائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، ضامن جو ڪم ڏينديون آهن. اهو ئي سبب آهي، جو ٻئي ڏينهن صبح جو اوهين انهن جوان چوڪرن کي، جن باهه جو ڇڻ هاريو هو، هر گهر ويندي ۽ اتان ڪير سان پريل ڏول ولندي ڏسندا. ساڳي ئي سبب ڪري انهيءَ دروازي يا لوڙهي تي "برش" ۽ "ڪگوورٽ" جا ٻوٽا هٽي ڇڏيندا آهن، جن مان سندن ڳٽون لنگهي چڙهڻ ويندیون آهن، چاڪاڻ ته انهن کي جادوءَ جي اثر کان بچائيندڙ سمجهيو ويندو آهي. مشرقي پرشيا جي ماشورن نالي هڪ ضلعي ۾، جنهن ۾ پول نسل جي هڪ شاخ آباد آهي، "ٻڏسمرڊي" جي شام جو ڪٻرٽ جون سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهيون وسائن جو رواج آهي. پوءِ شاهم بلوط جي ڪاٺ جو هڪ ڪِلو زمين ۾ ڪوڙيو ويندو آهي، جنهن جي چوٽيءَ وٽ هڪ ڦيٽو ٿوڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڦيٽي کي، سڀ ڪوناڻا واري وٽيءَ سان ايتريءَ تيزيءَ سان ڦيرائيندا آهن، جو ڪِلي ۽ ڦيٽي جي گسڻ سبب باهم پڙڪي نڪرندي آهي. هر هڪ انهيءَ نئينءَ باهم سان ڪاٺي ٻاري گهر ڪٽي ويندو آهي، جنهن سان اهو پنهنجي گهر جي چلهه ۾ باهم ٻاريندو آهي. سربيا ۾ ريڊار "برچ" وڻ جي چوڏڻ جون مشعلون ٻاري رڍن جي واڙين ۽ ڳئن جي واڙن جي چوگرد ڦيرا پائيندا آهن، پوءِ اهي ٽڪرين جي چوٽين تي چڙهي ويندا آهن، جتي اهي مشعلن کي وسامڻ لاءِ چڏي ايندا آهن.

هنگاريءَ جي مڱيار نسل وارن وٽ ٻ، وچ اونهاري جي باهم وارين تقريبن جون خصوصيتون اهي ئي آهن، جي يورپ جي مختلف ملڪن ۾ نمايان آهن. "ميسمررات" جو متعدد هنڌن تي آوچين جاين تي باهم جي مچن ٻارڻ ۽ مٽائڻ ٽين ڏينهن جو رواج آهي ۽ جنهن نموني سان جوان ماڻهو انهن باهين مٿان ٽپ ڏيندا آهن، تنهن سان تماشائي اها اڳڪٿي ڪندا آهن ته اهي جلد شادي ڪندا يا نه. انهيءَ ڏينهن تي سوئرن جا ڏنار هڪ ڪِلي ۾ ڦيٽي ڦيرائڻ سان باهم پيدا ڪندا آهن ۽ اهي اهڙيءَ طرح پريل باهم وچان پنهنجن سوئرن کي بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ لنگهائيندا آهن.

روس ۾ رهندڙ ايستونين نسل جا ماڻهو ٻ، جي مڱيار نسل وارن وانگر، بني نوع انسان جي عظيم توراني خاندان سان وابستہ آهن، اونهاري جي وڏي ۾ وڏي ڏينهن کي دستوري نموني سان ملهائيندا آهن. اهي سمجهندا آهن ته "سينٽ جان" جي باه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانڪڻين کي سندن مال کان دور رکندي آهي. اهي هيئن ٻ چوندا آهن ته جيڪو ماڻهو اتي حاضر نہ ٿيندو، تنهنجي جَوَن ۾ ڪڪ جي فصل ۾ نقصانڪار ۽ بي فائدو گاه ۽ پيا بيڪار ٻوٽا گڏجي اچرندا. ايسٽونيا جي اوئيسيل نالي هڪ ٻيٽ ۾، جڏهن ماڻهو وچ اونهاري واريءَ ۾ ڪالين اچلائيندا آهن، تڏهن وڏي آواز سان هيئن چوندا آهن ته "ڪانا ٻاه ڏانهن، فلڪس ٻنين ڏانهن." يا وري اهي ڏ ڪائين ٻاه ۾ اچلائيندا آهن ۽ هيئن چوندا آهن، ته "فلڪس، بلند ٿيجانءِ!" اهي ٻاه جي مڇ مان سڙيل ڪالين ڪڍي، گهر ڪٽي ويندا آهن ۽ چوپائي مال کي ٽلهي متاري ڪرڻ لاءِ، انهن کي گهر ۾ سانڍي رکندا آهن. انهيءَ ٻيٽ جي ڪن حصن ۾ ٻاهر جو مڇ هڪ وڻ جي چوڌاري جلائو ڪالين ۽ ٻيون جلد سڙندڙ شين جمع ڪري، ٻاهيو ويندو آهي ۽ انهيءَ وڻ جي چوڻيءَ مٿان هڪ ڇنڊو ڇولينڊو رهندو آهي. جيڪو ٻ ماڻهو انهيءَ جهنڊي جي سڙڻ کان اڳ ۾، ان کي لکڙي سان ڏڪ هٽي هيٺ ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو، تنهن سان نصيب ياوري ڪندو. ڪڏهن ڪڏهن اهي شادمانان پرهم ڦٽيءَ تائين هلندا رهندا هٿا ۽ انهن جو اختتام شرابخوريءَ ۽ زناڪاريءَ سان ٿيندو هو. اهو نظارو اونهاري جي هڪ صبح جي وڏندڙ روشنائيءَ ۾ ويتر ٻڌو لڳندو هو.

جڏهن اسين يورپ جي مشرق کي خيرباد چئي، مغرب طرف وڌون ٿا، تڏهن اسين اونهاري جي انهيءَ وچ واري ڏينهن کي ساڳئي قسم جي عام نوعيت وارين رسمن سان ادا ٿيندو ڏسون ٿا. وچ اونهاري ۾ ٻاهر جي مڇن ٻارڻ جي رسم، ويندي اٺويهين صديءَ جي اڌ تائين فرانس ۾ ته ايتريقدر عام جام ڦهليل هئي، جو آتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشڪل ٿئي ٿو ڪو اهڙو ڳوٺ يا شهر هوندو هو جتي، اسان جي معلومات مطابق، اهي سڀ ئي هاريا ويندا هئا. ساڻهو انهن جي چوڌاري نچندا ۽ مٿانئن ٽپ ڏيندا هئا ۽ سڀن سان پريل ڪاڏيون ڪڍي پنهنجن گهرن ڪي وڃ، باهر ۽ جادوءَ کان بچائڻ ۽ ڪين محفوظ رکڻ لاءِ، گهر ڪٽي ويندا هئا.

معلوم ٿئي ٿو ته برڻنيءَ ۾ وچ اونهاري جي باهين ٻارڻ جي رسم اڄ ڏينهن تائين ملهائي وڃي ٿي. جڏهن شعلا هيٺ ٿي ويندا آهن، تڏهن سڀ حاضرين ان جي چوڌاري گوڏن ڀر جهڪي ويهندا آهن ۽ منجهائن هڪ پير مرد وڏي آواز سان دعا گهرندو آهي. ان کان پوءِ سڀ ڇٽا ٿي ڪڙا ٿيندا آهن ۽ سڀ جي چوڌاري ٿي ڦيرا پائيندا آهن، ٽئين ڦيري تي، سڀ ساڻهو بيهي رهندا آهن ۽ هرهڪ ڇٽو هڪ ٻڙي ڪٽي هرندڙ ڊير مٿان اڇلائيندو آهي. ان کان پوءِ سڀئي منتشر ٿي ويندا آهن. برڻنيءَ ۾ ٻيرءَ ۾ هيءَ اعتقاد آهي ته جيڪا چوڪري وچ اونهاري وارين نون باهين جي چوڌاري نچندي، تنهن جي شادي ساڳئي سال اندر ٿي ويندي. "اوران" جي وادي ۾ هيءَ رواج هوندو هو ته باهم جو سڀ ان وقت ٻاريو ويندو هو، جڏهن سج افق جي هيٺان غوطو کائڻ وارو هوندو هو ۽ ڪڙمي پنهنجي چوپائي مال کي جادوءَ ۽ خاص طور ڊائنٽين ۽ جادوگرن جي جنترن منترن کان محفوظ رکڻ لاءِ، جي ڪير ۽ مکڻ چورائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، باهم جي سڀ مان لنگهائيندا هئا. نارمنڊيءَ ۾، جيومئيجز وٽ، اڏويهين صديءَ جي پهرئين نصف حصي تائين وچ اونهاري جي تقريب سان چند اهڙيون غير معمولي خصوصيتون وابسته هوندیون هيون، جن تي انتهائي قديم زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مهر لڳل هئي. هر سال ٽيويهين جون تي، جا "سينٽ جان" جي رات هوندي آهي، "سبز بگھڑ جي برادري" پنهنجو نئون سردار يا آقا منتخب ڪندي هئي، جنهن کي هميشه ڪونيهائوٽ نالي هڪ واهر مان چونڊڻو پوندو هو. چونڊ جي وچ ڪان پوءِ برادريءَ جو نئون سردار "سبز بگھڑ" جو خطاب اختيار ڪندو هو ۽ هڪ عجيب و غريب لباس ڍڪيندو هو، جنهن ۾ هڪ ڊگھو جبو ۽ بغير ڪناريءَ جي هڪ ٽوڪدار ۽ تمام ڊگھو سبز ٽوپلو شامل هوندو هو. اهڙيءَ طرح ملبوس ٿي، هو پنهنجيءَ برادريءَ جي اڳواڻي ڪندو، گھمندو هو ۽ "سينٽ جان" جو منتر آلاپيندو ويندو هو، هڪ صليب ۽ مقدس جھنڊو جلوس جي اڳيان هلندو هو ۽ اهڙيءَ طرح برادريءَ جا ماڻهو چاڻوڪيت نالي هڪ جاءِ ڈانهن ويندا هئا. انهيءَ هنڌ پهچڻ سان، پادري ديول جي سازن وڄائڻ وارن جا اڳوان ۽ ساز وڄائيندڙ جلوس جو استقبال ڪندا هئا ۽ برادريءَ جي ماڻهن کي ڳوٺ جي ديول ڈانهن وٺي ويندا هئا. وعظ پڌڻ کان پوءِ، جماعت جا ماڻهو "سبز بگھڑ" جي قيامگاه ڈانهن ويندا هئا، جتي کين سادو طعام کارايو ويندو هو. رات جو هڪ جوان مرد ۽ هڪ جوان عورت، جي ٻئي گلن سان سينگاريل هوندا هئا، گھنڊن جي آواز ۾ باهر جو سچ پاريندا هئا. پوءِ گذريل سال وارو "سبز بگھڑ" ۽ سندس پائر، پنهنجا نقاب کلهن تائين هيٺ لاهي، هڪ ٻئي جا هٿ جھلي، انهيءَ ماڻهوءَ جي ٻٽيان باهم جي چوڌاري ڊوڙندا هئا، جنهن کي ايندڙ سال لاءِ "سبز بگھڑ" جي حيثيت ۾ منتخب ڪيو ويو هو. جيتوڻيڪ انهيءَ سلسلي ۾ فقط پهرئين ۽ ٻوئين ماڻهوءَ جو هڪ هٿ آزاد رهندو هو، ان جي باوجود سندن ڪم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستقبل جي "سبز بگھڙ" کي ٻي دفعا گھيري ۽ آڻڻ ۽ پکڙڻ هوندو هو، جو پاڻ کي پکڙجڻ کان بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندي، پائرن کي خوفناڪ مار ڪيندو هو، جنهن لاءِ هو پاڻ سان لٽ ڪٽي هلندو هو. آخرڪار، جڏهن برادريءَ وارا ڪيس پکڙڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هئا، تڏهن ان کي باهر جي ميچ طرف ڪٽي ويندا هئا ۽ اهڙو ڏيکاءُ ڪندا هئا، جڙ تہ اهي ڪيس باهر ۾ اچلائڻ وارا هئا. جڏهن اها رسم پوري ٿي، ختم ٿيندي هئي، تڏهن اهي وري به "سبز بگھڙ" جي جاءِ ڏانهن موٽندا هئا، جتي انهن لاءِ رات جي ماني سندن اڳيان رکي ويندي هئي، جا اڃا به وڌيڪ سادي قسم جي ڪاڏن تي مشتمل هوندي هئي. اڌ رات تائين انهن تي هڪ قسم جي مذهبي سنجيدگي طاري رهندي هئي. پر پارنهن وڻڻ جي ڏکن لڳڻ جي دير هوندي هئي، جڏهن سڀ ڪجهه بدلجي ويندو هو. ضبط ۽ تحمل جي جاءِ انتهائي آزادي اڇي والاريندي هئي، پرهيزگاريءَ وارن منترن جي بجاءِ، شراب جي ديوتا جي تعريف جا گيت گايا ويندا هئا ۽ ڪوٺاٽي سرڪدي جي سنهين ۽ ڏکندڙ چيکن جو آواز، موج ۽ مستيءَ وارن انهن آوازن کان مشڪل ئي بلند ٿي سگھندو هو، جي "سبز بگھڙ" جي برادريءَ وارن جي ڪن ۾ ٽڪرندا هئا. پيو ڏينهن، چوويهين جون، يعني "مڊسمر ڈينهن" ساڳين ئي مقدس شخصيتن طرفان اهڙي ئي گوڙ ۽ گھمسان سان ملهايو ويندو هو. انهيءَ موقعي تي جيڪي مختلف رسمون ادا ڪيون ويندیون هيون، تن ۾ هڪ وڏو، ٽڪندو مقدس نان پچايو ويندو هو، جنهن کي چوطرف ڪپڙي جون پٽيون ويڙهيل هونديون هيون ۽ جنهن کي بندوقن جي گولين ڇڻڻ جي آواز سان شهر ۾ نمائش ڪرڻ لاءِ جلوس جي صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڦيرايو ويندو هو. ان کان پوءِ قربان گاه جي ڏاکڻ تي ڪجهه پاڪ گهنڊ رکيا ويندا هئا، جي انهيءَ ماڻهوءَ کي منصبي نشان طور سپرد ڪيا ويندا هئا، جنهن کي اينڊر سال لاءِ "سبز بگهڙ" ٽيٽو هوندو هو.

ايسني صوبي ۾، چيٽيو- ٽيري وٽ باهه جي مڇن پارڻ ۽ "سينٽ جان" جي وچ اونهاري جي تقريب وقت انهن جي چوڌاري نچڻ جي رسم سال ١٨٥٠ع تائين هلندي آئي، باهه جا مڇ خاص طرح اهڙيءَ موسم ۾ پاريا ويندا هئا، جڏهن جون جو مهينو مينهوگيءَ وارو ٿيندو هو ۽ ماڻهو سمجهندا هئا ته باهه جا مڇ مينهن کي روڪيندا. ووسجز ۾ ٽڪرين جي چوٽين مٿان "مڊ-سمر" رات تي باهه جي مڇن پارڻ جي رسم اڃا تائين مروج آهي، ماڻهن جو اعتقاد آهي ته اهي باهيون زمين جي ڦلن ۽ ڦولن کي محفوظ رکڻ ۽ پلن فصلن ڏيڻ ۾ مدد ڏينديون.

پوئيٽو علائقي جي قريباً سيني واهٽن ۾ "سينٽ جان" واريءَ رات تي باهه جا مڇ پاريا ويندا هئا. ماڻهو اخروٽ جي وڻ جي ٽاري هٽ ۾ ڪٺي، انهن مڇن جي چوڌاري ٽي ڦيرڻ پائيندا هئا. ريڊارٽيون ۽ پار باهه جي مڇ مٿان "ميولين" (ورپسڪر) جون ٽاريون ۽ اخروٽ هڪ ٻئي کي ڏيندا ۽ وٺندا هئا، اخروٽن لاءِ سمجهيو ويندو هو ته انهن جي ڪائڻ سان ڏندن جو سور دفعي ٿي ويندو ۽ "ميولين" جو ٻوٽو چوپائي مال کي بيماريءَ ۽ جادوءَ جي اثر کان بچائيندو. جڏهن باهه وسامي ويندي هئي، تڏهن ماڻهو آن مان ٿوري، رک گهر ڪٽي ويندا هئا، جنهن کي يا ته گجگوڙي طوفان کان بچاءَ لاءِ گهرن ۾ رکندا هئا يا وري پوک جي جيتن کي مارڻ لاءِ ٻنين ۾ ڦهلائي ڇڏيندا هئا. پوئيٽو جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقي ۾ "سينٽ جان" واريءَ رات تي ٻنين کي سائي ۽ آباد ڪرڻ لاءِ هڪ هرندڙ ڦيٽي ڦيرائڻ جو رواج ۽ هوندو هو.

ڏکڻ فرانس جي ڪومنگس صوبي جي جابلو حصي ۾ هڪ ڏکهي ونڊ جي ٽڙ ۾ چير ڪيڊي، منجهس چوڏا وغيره پري، سڄي ڪي باهم ڏيئي، وچ اونهاري جو مڇ هاريو ويندو آهي. ونڊ جي چوٽيءَ وٽ گلن جو هڪ هار لٽڪايو ويندو آهي ۽ جنهن گهڙيءَ باهم هاري ويندي آهي، عين انهيءَ وقت، ڳوٺ جي جنهن ماڻهوءَ آخرين شادي ڪئي هوندي آهي، تنهن کي هڪ ڏاڪڻ تي چڙهي، اهي گل ونڊ جي چوٽيءَ تان لاهي، هيٺ آڻڻا پوندا آهن. ساڳئي ضلعي جي ميداني علاقن ۾ وچ اونهاري وارن مڇن ۾ جيڪي شيون ساڙيون ويندیون آهن، سي پڻ دستوري طريقي سان ڪيون ڪيون ويندیون آهن، پر انهن جو ڏير اهڙن ماڻهن کي گڏ ڪرڻو پوندو آهي، جن گذريل سال جي وچ اونهاري واريءَ تقريب ڪان وٺي انهيءَ وقت تائين شاديون ڪيون هوندیون آهن ۽ اهڙيءَ طرح مستفيض ٿيل ماڻهن مان هر هڪ کي باهم جي مڇ مٽان گلن جو هڪ هار رکڻو پوندو آهي.

پراونس جي صوبي ۾، وچ اونهاري جون باهيون اڇا تائين ٻاريون ويندیون آهن. ٻار هڪ ڪان ٻئي گهر وڃي، ڪائيون ٻنڌا آهن، جتان ڪين مشڪل ئي خالي هٿين واپس موڪليو ويندو آهي. اڳئين زماني ۾ پادري، ميئر ۽ ڳوٺ جا ٻيا معتبر ماڻهو جلوس جي صورت ۾ باهم جي مڇ طرف ويندا هئا ۽ ان کي ٻارڻ جي ۽ تڪليف خود گوارا ڪندا هئا، جنهن ڪان پوءِ سڀ حاضرين باهم جي چوڌاري ٽي دفعا ڦيرا پائيندا هئا. ائڪس وٽ، وچ اونهاري واري تقريب جي صدارت ڪرڻ لاءِ نوجوانن مان هڪ نام نهاد بادشاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊيو ويندو هو، جنهن کي جهنگلي طوطي کي گولي هڻي، ماري ڪيرائڻ ۾ مهارت حاصل هوندي هئي. هو پنهنجا عملدار خود منتخب ڪندو هو ۽ هڪ پيڪيدار جلوس جي وچ ۾، ٻاهر جي ڇڻهن ويندو هو ۽ اُن کي ٻاري، سيني کان اول خود ان جي چوڌاري ناچ ڪندو هو. ٻئي ڏينهن اهو پنهنجن پوئلڳن ۾ سوڪڙيون پاڪڙيون تقسيم ڪندو هو. سندس حڪومت هڪ سال تائين هلندي هئي، جنهن جي دوران ۾ ڪيس کي رعايتون حاصل رهنديون هيون. ڪيس انهيءَ عبادت ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت هوندي هئي، جا "سينٽ جان واري ڏينهن تي" "سينٽ جان جي سردارن جو مهندار" ادا ڪندو هو، ڪيس شڪار ڪرڻ جو حق ڏنو ويندو هو ۽ حڪومت جا فوجي سپاهي سندس گهر ۾ نه رهندا هئا. مارسيلز ۾ پڻ، هڪ ڪوٺ جي جماعت جا ماڻهو انهيءَ ڏينهن تي پاڻ منجهان "بڊاشي"، يعني کهاڙي جو بادشاهه منتخب ڪندا هئا، پر اها خاطري نه ٿي ٿئي ته اهوئي ٻاهر جو نچ ٻاريندو هو چاڪاڻ ته، چيو وڃي ٿو، ڪوٺ جو فوجي محافظ ۽ ٻيا اختياريءَ وارا وڏي رعب ۽ داب سان جلوس جي صورت ۾ اچي، اُها ٻاهر ٻاريندا هئا.

بيلجيم ۾ وچ اونهاري جي ٻاهين جي رسم وڏن شهرن مان گهڻو وقت ٿيو جو ختم ٿي ويئي آهي، پر اندروني ضلعن ۾ نديڻ شهرن اندر اها اڃا تائين ادا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ ملڪ ۾ "سينٽ پيٽر" جي رات (٢٩ جون) بلڪل اهڙيءَ طرح ٻاهين جي ڇڻ ٻارڻ ۽ ناچن ڪرڻ سان ملهائي ويندي آهي، جهڙيءَ طرح "سينٽ جان" واريءَ رات کي ملهايو ويندو آهي. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته سينٽ جان جي ٻاهين وانگر، سينٽ پيٽر جون ٻاهيون پڻ بلائن کي ٽارڻ لاءِ ٻاريون ويندڙيون آهن. فرينچ فلنڊرس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سال ۱۷۸۹ع تائين، مردن جي نمائندگي ڪندڙ پلال جو هڪ مجسمو وچ اونهاري واريءَ باھ ۾، ۽ عورتن جي نمائندگي ڪندڙ هڪ ٻيو مجسمو سينٽ پيٽر جي ڏينهن، يعني اٺتيهين جون، تي ساڙيو ويندو هو. ٻيلجيم ۾ وچ اونهاري جي باهين مٿان ماڻهو پيٽ جي سور کان محفوظ رهڻ لاءِ تپ ڏيندا آهن ۽ گهر کي باھ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ انهن جي رک گهر ۾ محفوظ ڪري رکندا آهن.

وچ اونهاري جي باهين ٻارڻ جي رسم خود اسان جي ملڪ جي گهڻن حصن ۾ ادا ٿيندي رهي آهي ۽ دستور مطابق ماڻهو انهن مٿان ٽپندا ۽ سندن چوڌاري نچندا رهيا آهن. ويلس ۾ ٽن يا نون مختلف قسمن جون ڪاٺيون ۽ گذريل سال جي وچ اونهاري واري ڏينهن کان وٺي محفوظ رکيل آڏوريون سڙيل بنديون باھ جي نئين سچ کي ٻارڻ لاءِ ضروري سمجهيون ويندين هيون، جو گهٽو ڪري ڪنهن ڏڙي تي ٻاريو ويندو هو. گلئمارگن جي ماڻريءَ ۾، پلال ۽ ڪڪن ۾ ويڙهيل گاڏيءَ جي هڪ ٿيٽي کي باھ ڏيئي ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ گسڪايو ويندو هو. جيڪڏهن اهو ٿيٽو سڄي رستي جي دوران ۾ روشن رهندو هو ۽ پوءِ ٻر گهٽي وقت تائين ٻرندو رهندو هو، تہ ان سال پلي فصل جي اميد رکي ويندي هئي. آئيل آف مئن ۾ "مڊسمر" رات تي مقامي ماڻهو هرهڪ ٻنيءَ ۾ هوا جي رخ جي سامهون باھ جا سچ ٻاريندا هئا، تہ جيئن دونهون آنَ مٿان لنگهي وڃي، ۽ اهي پنهنجن ڍورن ۽ ڍڳن کي واڙن اندر بند ڪري، "فرز" يا "گورس" نالي جهنگلي ٻوٽن جون ٻرندڙ مشعلون گهٽائي پيرا انهن جي چوڌاري ڦيرائيندا هئا. آئرلنڊ ۾، چوپائي مال ۽ خاص طرح ڪانگهاري مال کي وچ اونهاري جي اهڙين باهين وچان لنگهايو ويندو هو ۽ پنين کي آباد ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ انهن باهين جي رک منجهن اچلائي ويندي هئي يا وري پاري کي روکڻ لاءِ انهن باهين جا برندڙ ٽانڊا ٻنين ۾ نيان ويندا هئا. اسکاٽلنڊ ۾، وچ اونهاري جي باهين جا نشان ٿورا ملن ٿا، پر انهيءَ موسم ۾ پرٿ شاير جا ڪنوار برندڙ مشعلون ڪٽي، سڄ جي رخ ۾ پنهنجي چوپائي مال جي چوڌاري ٽي دفعا ڦيرا پائيندا هئا. اها رسم اهي پنهنجن ڏٺن کي پاڪ ڪرڻ ۽ بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ ادا ڪندا هئا.

"ميسمر" واريءَ رات تي باهين جي سڃن ٻارڻ، سندن چوڌاري نچڻ يا مٽائڻ ٽپن ڏيڻ جي رسم اسپين جي ڪنڊڪڙ ۽ اٽليءَ ۽ سسلي ٻيٽ جي ڪن علائقن ۾ اڃا تائين هلندي اچي يا ٿوروئي زمانو اڳي عام هئي. مالٽا ۾ "سينٽ جان جي رات" (ميسمر رات) تي شهرن ۽ ڳوٺن جي گهٽين ۾ چونڪن ۾ باهم جا ٻڌا سڃ ٻاريا ويندا آهن، اڳئين زماني ۾ "گرينڊ ماسٽر آف دي آرڊر آف سينٽ جان" انهيءَ شام جو مقدس "اسپتال" جي سامهون ڊاهر جي ڏهن جي هڪ وڏي ڏيرکي باهم ڏيندو هو. يونان ۾ پڻ، "سينٽ جان" جي رات جو باهين ٻارڻ ۽ مٽائڻ ٽپن ڏيڻ جو رواج اڃا تائين عام جام آهي. انهيءَ لاءِ جيڪو هڪ سبب ڏنو ويندو آهي، سو اهو آهي ته اها رسم ڏنگ هٽندڙ زهريلن ڏينهين کان بچڻ لاءِ ادا ڪئي ويندي آهي. هڪ ٻئي بيان مطابق، عورتون جڏهن باه مٽان ٽپ ڏيندي آهن، تڏهن وڏي آوازسان هيئن چوندي آهن ته "آءٌ پنهنجا سڀ گناهم پنهنجي ٻٽيان چڏي رهي آهيان." ليسبوس ۾ "سينٽ جان واريءَ رات" تي گهٽو ڪري ٽي، ٽي باهيون گڏ ٻاريون ويندي آهن ۽ ماڻهو ٽي، ٽي دفعا انهن مٽان ٽپندا آهن، ائين ڪرڻ وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هڪ ماڻهو پنهنجي مٽي تي پٿر رکي هيٺ چوندو آهي ته "آءٌ سهڙ جي باه مٽان ٽپان ٿي، منهنجو مٽو آهي هڪ پٿر!" ڪئليمنوس ۾، وچ اونهاري واريءَ باه لاءِ چيو ويندو آهي ته انهيءَ جي پارڻ سان سڪر سٽائيءَ واري سال جي خاطري ٿيندي ۽ ڏينهن ڪان نجات ملندي. ماڻهو مٽن تي پٿر رکي، باه جي چوڌاري نچندا ۽ ڳائيندا آهن ۽ شعلن يا ٻرندڙ ٽاڻين مٽان ٽپ ڏيندا آهن. جڏهن باه ڪجهه قدر جهڪي ٿي ٻرندي آهي، تڏهن اهي پٿرن کي ان ۾ ڦٽي ڪندا آهن ۽ جڏهن اها بلڪل وسامي ويندي آهي، تڏهن اهي پنهنجين ٽنگن تي صليبن جا نشان ڪندا آهن ۽ پوءِ سمنڊ ۾ غسل ڪرڻ لاءِ هليا ويندا آهن.

"مبسمر" ڏينهن يا "مبسمر" رات تي باه جي مچن پارڻ جي رسم اتر آفريڪا جي مسلمان ملڪن، خاص طرح مراڪش ۽ الجزائر ۾، دور دور تائين ڦهليل آهي. اها رسم "بربر" ۽ گهٽن عرب يا عربي ٻولي ڳالهائيندڙ قبيلن ۾ عام جام آهي. انهن ملڪن ۾ "مبسمر" واري ڏينهن (چوويهين جون، پراڻي طرز) کي "لعنصرا" چيو ويندو آهي. اهي باهيون گهرن جي اڳڻ، گهٽين جي چونڪن، پنين ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳاهه ڪرڻ جي ميدانن، ۽ پاريون ويندیون آهن. اهڙن موقعن تي باهه ۾ پارڻ لاءِ اهڙن ٻوٽن کي شوق سان ڳوليو ويندو آهي، جي ٻرڻ وقت گهاٽو دونهون ۽ تيز خوشبوءِ ڏيندا آهن. ماڻهو پاڻ کي ۽ خاص طور پنهنجن پارن کي انهيءَ دونهين جو واس ڏيندا آهن ۽ ان کي پنهنجن باغن ۽ فصلن طرف هوا ڏيئي ڏکيندا آهن. ان کان سواءِ، اهي ماڻهو باه جي مچن مٿان ٽپا ۾ ڏيندا آهن، ڪن هنڌن تي هر هڪ ماڻهوءَ کي ست دفعا ٽپڻو پوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تنهن کان سواءِ، اهي باهين مان پرندڙ ڪائيون ڪيڙي، گهرن کي واس ڏيڻ لاءِ ڪٽي ويندا آهن. اهي پنهنجين گهٽين شين کي باهه وچان لنگهائيندا آهن ۽ بيمار ماڻهن کي ان جي قريب آڻي، سندن صحتيابيءَ لاءِ دعائون پڙهندا آهن. باهه جي انهن سچن جي رک ۾ ب گهٽيئي فائديمند خوبيون موجود سمجهيون ويندڙيون آهن. چنانچ، ڪن هندن جا ماڻهو پنهنجن وارن ۽ جسمن کي اها رک ملينداآهن. ڪن هندن تي اهي سمجهندا آهن ته باهين مٽان ٽپن ڏيڻ سان کين سڀني بدبختين کان نجات ملندي ۽ بي اولاد جوڙن کي اولاد ٿيندو. اتر مراڪش جي ريف صوبي جا باشندا وچ اونهاري جي باهين مان پنهنجي لاءِ، پنهنجن ڏورن ڏڳن لاءِ ۽ پنهنجن ميويدار وڻن لاءِ وڏو مفيد ڪر وٺندا آهن. اهي باهه جي سچن مٽان هن اعتقاد کان ٽپ ڏيندا آهن ته اهي کين تندرست ۽ توانيءَ حالت ۾ رکندا، اهي ماڻهو پنهنجن ميويدار وڻن جي هيٺان هن اعتقاد کان باهيون پاريندا آهن ته اهي سندن ڦلن کي قبل از وقت ڪرڻ کان محفوظ رکنديون. سندن هيءَ ب خيال آهي ته اهي انهن باهين مان حاصل ڪيل رک کي پاڻيءَ ۾ ملائي، وارن کي سُڪل سان، پنهنجن وارن کي کسڻ کان روڪي سگهندا. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته مراڪش جي انهن سڀني رسمن ۾، سڀ کان وڌيڪ مفيد اثر فقط دونهين ڏانهن ئي منسوب ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙي جادوي خوبي سمايل سمجهي ويندي آهي، جا ماڻهن، حيوانن، ڦلدار وڻن ۽ فصلن جي سڀني مصيبتن ۽ مرضن کي دور ڪندي آهي.

مسلمان قومن ۾ وچ اونهاري واريءَ تقريب ملهائڻ جي رسم خاص طور قابل توجه آهي، ڇاڪاڻ ته مسلماني ڪئلينڈر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص طور قمري هڻڻ ۽ ڪوٽ وارن ڏينهن جي اضافي سان درست نه ٿيڻ سبب، اهڙين تقريبن کي ڏيان ۾ ڪي نه ٿو آڻي، جي شمسي سال اندر مقرر وقتن تي ايندڙ آهن، خالص مسلماني تقريبون، چنڊ سان وابستہ هڻڻ سبب، انهيءَ روشن چراغ سان گڏ و گڏ، سج جي چوڌاري زمين جي گردش جي سڄي عرصي جي دوران سان، آهستي آهستي پنڌ ڪندي رهن ٿيون. اها حقيقت بذاتِ خود هن ڳالهہ کي ثابت ڪندي معلوم ٿئي ٿي تہ يورپ جي عيسائي قومن وانگر، اتر آفريڪا جي مسلمان قومن ۾ ۽، وچ اونهاري واري اها تقريب انهيءَ مذهب کان بلڪل آزاد آهي، جنهن تي انهن ملڪن جي ماڻهن جو علي الاعلان اعتقاد ۽ ايمان آهي ۽ اها رسم بت پرستيءَ واري تمام قديم زماني جو هڪ يادگار آهي.

٦- **"هڪلووين" باهيون:** مٿين جائزي مان اسين هيءَ قياس آرائي ڪري سگهون ٿا تہ يورپي قومن جي بت پرست ابن ۽ ڏاڏن ۾ سال جي سيني باهہ وارين تقريبن کان زياده دور دور تائين مروج ۽ مقبولِ عام تقريب "وچ اونهاري واري رات" يا "وچ اونهاري وارو ڏينهن"، هئي. انهيءَ تقريب جو اونهاري جي وڏي کان وڏي ڏينهن تي منعقد ٿيڻ، محض هڪ حادثو نہ ٿو ٿي سگهي. البت، اسان کي هيءَ فرض ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي بت پرست پيشروئن، زمين تي باهہ ٻارڻ جي تقريب کي چاڻي واڻي اهڙيءَ ريت متعين ڪيو، جو اها فلڪ ۾ سج جي گردش واريءَ راهہ جي بلند ترين نقطي تي پهچڻ واري وقت سان ٺهڪي آئي. جيڪڏهن اها حقيقت آهي تہ پوءِ ان مان هيءَ نتيجو لازمي طور نڪري ٿو تہ وچ اونهاري جي تقريبن جي بانين وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان وڌي ڏينهن جي وقت يا سج جي فلکياتي رستي ۾ ڦيري کائڻ واري نقطن ڏسو غور سان مطالعو ڪيو هو ۽ ان ڪري اهي پنهنجي سالياني تقريباتي ڪئلينڈر ڪي ڪجهه حد تائين نظام شمسيءَ جي گردش مطابق هلائيندا هئا.

ٻي، هڪ طرف جيڪڏهن اها ڳالهه يورپ کنڊ جي وسيع علائقن جي وڏي حصي ۾ آباد ٽيل اهڙين قومن جي متعلق سچي هئي، جن کي اسين هوند قديم‌النسل سڏيون، تہ ٻئي طرف وري ائين نظر اچي ٿو تہ اها حقيقت انهن قومن جي حالت ۾ سچي ڪانہ هئي، جي "سيلٽ" نسل سان وابستہ هيون ۽ جي "يورپ جي بَري پُڇڙين" ، يعني پينٽن ۽ راسين ۾ آباد هيون، جيڪي شمال مغرب واري طرف ڪان اتر انٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي ساحل تي واقع آهن. "سيلٽ" نسل واريون قومن جون باهم جون اهم تقريبون جي، حالانڪ محدود اڀراضيءَ اندر ۽ ڪهيڙيل شان و شوڪت ۽ ديدبي سان جديد دؤر، حتيڪ خود اسان جي ڏينهن تائين، باقي بچنديون آيون آهن، سي ظاهري طور سج جي آسماني بيهڪ سان وابستہ ناهن. اهڙيون تقريبون بہ هيون، جي هڪ ٻئي کان ڇهن مهينن جي وقفي ڪان پوءِ ايندیون هيون، جن مان هڪ "مئي - ڊي" جي رات جو ملهائي ويندي هئي ۽ ٻي "آل - هئلو" واريءَ رات يا جئين ان کي اڄ ڪلهه عام طور سڏيو وڃي ٿو، "هئلووين" ، يعني ايڪٽيهين آڪٽوبر واريءَ رات تي منعقد ڪئي ويندي هئي، جا "آل سينٽس" يا "آل هئلوز ڊي" ڪان هڪ ڏينهن اڳي ايندي آهي. اهي تاريخون انهن ڇٽن وڏين انجيسن مان ڪنهن هڪ سان بہ نہ ٿيون جُڙن، جن ٻي شمسي سال گردش ڪري ٿو، يعني اونهاري جو وڏي ڪان وڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سياري جو نندي کان نندو ڏينهن ۽ بهار ۽ سرءَ جي موسمن جا هڪ جيترا ڏينهن ۽ هڪ جيتريون راتيون. نہ وري اهي زرعي سال جي مکيہ موسمن، يعني بهار ۾ ڇ ڇڻ ۽ سرءَ ۾ لاباري لڻ سان ئي کو ڏهکن ٿيون. چاکاڻ ته جڏهن "مئي-ڊي" واريءَ تقريب اچڻ کان گهڻو اڳي، ڇ زمين جي سپرد ڪيو ويو هوندو آهي ۽ جڏهن نومبر جو آغاز ٿي چڪو هوندو آهي، تڏهن ان کان گهڻو وقت اڳ، فصل لڻيو ۽ گڏ ڪيو ويو هوندو آهي، ٻنيون پارا خالي پيا هوندا آهن، ميوي دار وڻ مان ڦل چني، کين اگهاڙو ڪيو ويو هوندو آهي ۽ خود زرد پن اڳي ئي هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا، هيٺ ڪرڻ لڳندا آهن. ان جي باوجود، پهرين مئي ۽ پهرين نومبر اهڙا يون تاريخون آهن، جي يورپ ۾ سال جي موسمي تبديلين کي نمايان ڪندڙ آهن. منجهائن هڪ تاريخ اونهاري جي وٽندڙ ۽ سازگار گرميءَ ۽ گهاٽيءَ ساوڪ جي پيشوائي ڪري ٿي ۽ ٻي، سياري جي سرديءَ ۽ ويرانيءَ جي نقيب هوندي آهي. هاڻي، سياري جا اهي وقت، جيڪي هڪ هوشيار ۽ ظريف مصنف اشارو ڪيو آهي، جيتوڻيڪ يوروپي آبادگار لاءِ نسبتاً گهٽ اهميت رکن ٿا، ان جي باوجود انهن جو يوروپي ريڊار ۽ ڏنار تي تمام گهرو اثر پوي ٿو. چاکاڻ ته اهو اونهاري جو ابتدائي زمانو ئي هوندو آهي، جڏهن هو پنهنجن ڏڻ ڪي سائي گاهہ چارڻ لاءِ ڪليل ميدانن ۾ باهر ڪڍي ايندو آهي ۽ وري اهو سياري جي قريب پهچڻ واروئي زمانو هوندو آهي، جڏهن هو ڪين واڙين جي آجهي ۽ سلامتيءَ طرف واپس آڻيندو آهي. چنانچہ، هيءَ ڳالهہ غير امڪاني نہ ٿي نظر اچي ته مئي مهيني جي شروعات ۽ نومبر جي آغاز وارن وقتن تي "سيلٽ" نسل وارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومن طرفان سال جي ٻن نصف حصن ۾ تقسيم انهيءَ زماني کان ٿئي ڪيل آهي، جڏهن انهيءَ نسل جا قبيلا آڳا مالدار ۽ ريڍار هئا، جڏهن سندن زندگيءَ ۾ بقا جو سڄو سارو انحصار سندن ڏٺن مٿان هوندو هو ۽ جڏهن انهن لاءِ سال جون وڏيون موسمون اهي وقت هئا، جڏهن اونهاري جي ابتدا ۾ سندن چوپايو مال وٽاڻ چڏي، ٻاهر چرڻ ويندو هو ۽ وري سياري جي شروعات ۾ اهو واپس ايندو هو. خود مرڪزي يورپ ۾، جو انهيءَ علائقي کان گهڻو دور آهي، جنهن ۾ "سيلٽ" نسل جا ٻوڪ هن زماني ۾ ٻ آباد آهن، سال جي ٻن نصف حصن واري ساڳئي تقسيم، هڪ طرف "مئي-ڊي" ۽ ان جي رات (والپرجس رات) ۽ ٻئي طرف نومبر جي شروعات ۾ "سيني بزرگن جي رات" هئي، جنهن جي عام مقبوليت صاف طرح ڏسي سگهجي ٿي ۽ جا عيسائيت جي باريڪ پڙدي هيٺان مڙدن جي قديم بت پرستانه تقريب کي پوشيده ڪري ويٺي آهي. چنانچ، اسين هيءَ انومان ڪڍي سگهون ٿا ته يورپ ۾ هر هنڌ اونهاري جي وڏي کان وڏي ۽ سياري جي ننڍي کان ننڍي ڏينهن مطابق، سال جي فلڪياتي تقسيم ڪرڻ کان گهڻو زمانو اڳي، يورپي اونهاري ۽ سياري جي شروعات مطابق، هڪ اهڙي تقسيم ڪئي ويئي هئي، جنهن کي اسين هونئن ارضي تقسيم چئون ٿا.

اهو ڪٿي ڪيئن ٻ هجي، بهرصورت "سيلٽ" نسل وارن جون "مئي-ڊي" ۽ "پهرين نومبر" يا اڳا ٻ زياده باريڪيءَ کان ڪم وٺون، ته انهن کان اڳ ايندڙ "راتين" واريون اهي ٻئي عظيم تقريبون پنهنجي ادائگيءَ جي نموني مان، ساڻن وابستہ ڪيل وهمن ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجيءَ قديم نوعيت مان، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مھر ٻنھي مٿان چٽيءَ طرح ثبت ٿيل آھي، پنھنجو تمام اوائلي ۽ بت پرستانہ بنياد ظاھر ڪري رھيون آھن. "مئي-ڊي" يا "بيلٽين" جي تقريب، جيئن "سيلٽ" نسل وارا لوڪ ان کي سڏيندا ھئا، جا اونھاري جي نقيب ھوندي ھئي، اڳي ئي وضاحت سان سمجھائي ويئي آھي. ھينئر اسان کي ساڳيءَ نوعيت واري "ھئلووين" تقريب جي سمجھاڻي ۽ ان جو ڪجھ بيان ڪرڻ باقي آھي، جا سياري جي آمد جو اعلان ڪندي آھي.

ٻنھي تقريبن مان "ھئلووين" شايد قديم زماني کان ئي زياده اھميت واري ھئي، ڇاڪاڻ تہ اڄ ٻيو معلوم ٿئي تہ "سيلٽ" نسل وارا لوڪ سال جي شروعات "بيلٽين" کان ونڊي نہ، پر انھيءَ تقريب کان ونڊي ڪندا ھئا. آئيل آف مئن ۾، جو انھن مضبوط قلعن مان ھڪ آھي، جتي "سيلٽ" نسل وارن لوڪن جي ٻوليءَ ۽ روايتن سڪسن نسل جي حملہ آورن جي معاصري جو تمام گھٽي عرصي تائين مقابلو ڪيو، پھرين نومبر کي قريبي سالن تائين "سال جو پھريون ڏينھن" شمار ڪيو ويو آھي. چنانچہ، "مئنڪس" نسل جا پٽ "ھئلووين رات" (قديم حساب موجب) تي، مئنڪس ٻوليءَ ۾ ھڪ قسم جو "گئمني" گيت ڳائيندا، دردر ڦرندا آھن. انھيءَ گيت جو ٽل "اڄوڪي رات نئين سال جي رات آھي، ھو گوئنا!" ھوندو آھي. قديم آئرلنڊ ۾ ھرسال "ھئلووين" يا "سئمھيئن واريءَ رات" تي نئين باھ ٻاري ويندي ھئي ۽ انھيءَ مقدس شعلي مان آئرلنڊ جون سڀ ٻاھيون نئين سر ٻاريون ويندیون ھيون. اھا رسم زوردار نموني ۾ ھن طرف اشارو ڪري رھي آھي تہ "سئمھيئن" يا "سيني بزرگن جو ڏينھن" (پھرين نومبر) "نئين سال جو ڏينھن" ھو، ڇاڪاڻ تہ نئينءَ باھ کي بلڪل فطرتي طور سال جي شروعات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت پاريو ويندو آهي، تہ جيئن تازيءَ بياہ جو بابرڪت اثر پارهن مهينن جي سڄي عرصي تائين قائم رهندو اچي. هن نظريي جي، تہ سيلٽڪ نسل واريون قومون پنهنجو نئون سال پهرين نومبر کان وٺي شمار ڪنديون هيون، هڪ پي تصديق غيب معلوم ڪرڻ جي انهن مختلف طريقن مان مهيا ٿي رهي آهي، جي سيلٽڪ نسل جون قومون "هئلووين" تي پنهنجيءَ تقدير ۽ خاص طور ايندڙ سال اندر سندن قسمت معلوم ڪرڻ لاءِ عام طرح اختيار ڪنديون هيون، چاڪاڻ تہ مستقبل ۾ ليٿي پائڻ جي انهن ترڪيبن کي عملي جامي پهرائڻ جو سال جي شروعاتي وقت کان زياده موزون ۽ زياده معقول وقت ٻيو ڪهڙو ٿي سگهندو؟ شگونن ۽ پيشنگوين ڪرڻ جي موسم جي حيثيت ۾، "هئلووين" واريءَ رات کي سيلٽڪ نسل وارن ماڻهن جي خيال ۾ "بيلٽين" واريءَ رات کان وڌيڪ اهميت حاصل هئي، جنهن مان اسين امڪان جي ڪجهہ حد تائين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا تہ اهي قومون پنهنجو نئون سال "بيلٽين" رات کان وٺي نہ، پر "هئلووين" کان وٺي شروع ڪنديون هيون. هڪ زبردست اهميت واري پي ڳالهہ، جا انهيءَ ساڳئي نتيجي طرف اشارو ڪري رهي آهي، سا آهي مڙدن جو "هئلووين" سان تعلق معلوم ٿئي ٿو تہ تہ فقط سيلٽ نسل وارين قومن ۾، پر سڄي يورپ اندر ۾ "هئلووين" کي، جا سرءَ کان سياري طرف اچڻ جي عبوري رات آهي، قديم زماني کان وٺي سال جو اهڙو وقت سمجهيو ويندو هو، جڏهن سوئن جا ارواح پاڻ کي باهم جي پرسان گرمائش ڏيڻ ۽ ڪل ۽ خوشيءَ جي انهيءَ فضا سان لطف‌اندوز ٿيڻ ۽ پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ، جا انهن لاءِ سندن پيارن عزيزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ قريبن طرفان بورچيخاني يا اٽڻ ۽ ويهڻ واري ڪمري ۾ سهيا ڪئي ويندي هئي، پنهنجن اصلي گهرن ڏانهن ٽيڻ ايندا هئا. اهو شايد هڪ بلڪل فطرتي خيال هو ته سياري جو قريب اچڻ ويچارن سيءَ ۾ ڏکندڙ ۽ بکايل روحن کي آگهاڙين پنين ۽ بي برگ ٻيلن کان باهر پڇي نڪرڻ ۽ ڏڻل وائڙل ڇلهه واريءَ جهوپڙيءَ جي آجهي ۽ پناهه ڏانهن ڊوڙي اچڻ لاءِ آماده ڪندو هو، ڪٿن جا پان پان ڪندڙ ڏڻ ٻيلن اندر ۽ جبلن جي لاهين تي واقع اونهاري وارن چراگاهن کان پڇي، اهڙي وقت واڙن ۾ کائڻ، پيئڻ ۽ ماٺهن طرفان پنهنجي حفاظت ۽ ٽهل ٽڪور ڪرائڻ لاءِ نه اچي وسرام ڪندا هئا، جڏهن سياري جون ناخوشگوار ۽ ڏڌيون هوائون جهولينديون ۽ سڪل ٽارين مان سوسائٽ ڪنديون لنگهنديون هيون ۽ هيڏانهن هوڏانهن برف اڏامي، جبلن جي پاسن وارين ڪڏن ۽ ڪوهن ۾ جمع ٿيندي، جيئن پوءِ ٽئين زياده گهري ٿيندي رهندي هئي؟ ۽ چا، اهڙي وقت تي هڪ نيڪ سرد ۽ ان جي نيڪ دل عورت پنهنجن وڏڙن جي روحن جي اهڙيءَ آجيان ۽ استقبال ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهن ٿا، جي اهي ڪٿن جي ڏٺن جو ڪندا هئا؟

پر انهيءَ ڏينهن، "جڏهن خزان زرد سال کي سياري جي سپرد ڪندي آهي،" فقط سوئن جا ارواح ئي نظرن کان پوشيده ٿي هيڏانهن هوڏانهن هوا ۾ ڪين ڦرندا وتندا آهن. اهڙي وقت تي ڏاڏڻيون، جن مان کي ٻوهارن تي سوار، هيڏانهن هوڏانهن هوا ۾ ڦرنديون رهنديون آهن، ته وري کي راندين وارين ٻلين ٻڌان سوار ٿي، جن کي انهيءَ هڪ رات لاءِ ڪوئلي جهڙي ڪاري رنگ جي گهوڙن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، رستن تي ٽاپ ٽاپ ڪنديون رهنديون. آهن، پنهنجن شرارت- آميز ڪمن کارين کي سرانجام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندڙن وتندڙن آهن. سيني پرين ڪي ۽ اُن رات آزاد ڪيو ويندو آهي ۽ هرقسم جا شياطين ان وقت آزاديءَ سان هرطرف رلندا ڦرندا آهن.

ان جي باوجود ، "ميلنڪ" نسل جي آباد ڪار طبقي وارن جي دلين ۾ "هئلووين" سان جيتوڻيڪ اسرار ۽ هيبت جي هڪ عجيب دلڪشي وابسته رهي آهي، پر انهيءَ تقريب ملهائڻ جو عام طريقو، ڪم از ڪم جديد دور ۾ ، ڪنهن به حالت ۾ دائمي طور افسرده ۽ غمناڪ صورت وارو نه رهيو آهي، ان جي برعڪس اُنسان ڪي اهڙيون رنگين ۽ پُرڪيف ڳالهيون شامل ڪيون ويڻون آهن ، جن اُن ڪي سڄي سال جي سيني راتين کان زياده موج ۽ مستيءَ واري رات بڻائي ڇڏيو آهي. اسڪاٽلنڊ جي ماڻهن ميدانن ۾ ، جن ڳالهين انهيءَ تقريب ڪي غير معمولي رنگيني ۽ خوبصورتي بخشي هئي، تن ۾ باهين جا اهي سڀ به شامل هئا ، جي سيني بلند جاين تي ٽوري ٽوڙي مفاصلي تي ٻرندا رهندا هئا ، "موسم خزان جي پوئين ڏينهن تي ٻار پنهنجيون ڪائيون، ڏاڙ جا ٻيج ، ڏ ڳها ۽ سنها ڪانا ۽ باهه جي سڀ ۾ ٻارڻ لاءِ موزون ٻيون سڀ اهڙيون شيون ڪٺيون ڪندا هئا. انهن ڪي گهر جي پرسان ڪنهن اوچيءَ جاءِ تي رکيو ويندو هو ۽ شام ٿيڻ سان ئي انهن ڪي باهه ڏني ويندي هئي، انهن باهين کي "سُمنها گن" سڏيو ويندو هو. هرهڪ گهر ڪي پنهنجو پنهنجو باهه جو سڀ هوندو هو ۽ سيني کان زياده وڏي سڀ ٻارڻ جي ماڻهن ڪي آرزو رهندي هئي. ضلعن جا ضلعا باهه جي سڀن سبب روشن هوندا هئا ۽ (اسڪاٽلنڊ جي) ڪنهن جابلو ڏنڊ جي پرئين ڪناري ۽ متعدد بلند مقامن تان ايندڙ انهن جو شعاع، هڪ انتهائي رنگين نظارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪندو هو." سڀ مهيني جي پهرين تاريخ تي روشن ٽيندڙ "بيلٽين" باهين وانگر، "هئلووين" باهين جا سڀ ٻ، معلوم ٿئي ٿو، ته پرٿ شاير جي اتانهن پڻ ۾ عام طور هاريا ويندا هئا. ڪئلينڊر نالي هڪ ضلعي ۾ آهي اڙڻهين صدي عيسويءَ جي آخر ڏاري ۾ هاريا ويندا هئا. جڏهن باهه وساسي ويندي هئي، تڏهن رکي ڪي احتياط سان گول چڪر جي صورت ۾ جمع ڪيو ويندو هو ۽ ان جي باهرين گهيري جي قريب اهڙن مختلف ڪنڊن جي هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ، جن جو انهيءَ سڀ سان ڪو واسطو هوندو هو، هڪ هڪ پٿر رکيو ويندو هو. پئي ڏينهن صبح جو، جيڪڏهن ڪنهن ٻ پٿر کي پنهنجيءَ اصلوڪيءَ جاءِ تان هٽيل يا پڳل ٽنل ڏٺو ويندو هو، ته ماڻهن کي خاطري ٿيندي هئي ته اهو ماڻهو، جنهن جو اهو پٿر نمائندو هو، "ڦي" يا پياروهو، جنهن ڪري هو انهيءَ ڏينهن کان وٺي ايندڙ بارهن مهينن تائين جيئرو نه رهي سگهندو. بالڪهيڙ ۾، اڻويهين صديءَ جي آخرين حصي تائين هرهڪ گهر "هئلووين" تي پنهنجو پنهنجو سڀ باريندو هو، پر اها رسم زياده تر هار ئي ادا ڪندا هئا. باهه جا سڀ گهر جي پاسي ۾ ٻيئل ڪنهن ٻ بلند مقام مٿان هاريا ويندا هئا، انهن جي چوڌاري ڪوبه ناچ ڪوڏ ڪيو ويندو هو. "هئلووين" باهيون اسڪاٽلنڊ جي اتر اوپر وارن ضلعن، جهڙوڪ بوچان، ۾ ٻ هاريون ويندیون هيون. ڪوٽاٽن ۽ ڪڙمين کي ساڳيءَ طرح باهيون هارٽيون هوندیون هيون. ڪوٽ اندر هار گڏ ٿي، گهر گهر ويندا هئا ۽ گهٽو ڪري هي الفاظ چئي، هرهڪ گهر واري کان سڪل گاهه ٻنندا هئا ته "اسان کي گاهه ڏي، ته اسان ڊانڊين کي ساڙيون." جڏهن ڪين اهو گاهه ڪافي مقدار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ملي ويندو هو، تڏهن اهي ان ۾ پلال ۽ ٻيون اهڙيون آساني۽ سان ٻرندڙ شيون ملائي، انهن جو ڍير ڪري، باهم ڏيندا هٿا. پوءِ هرهڪ چوڪرو، واري وٽي۽ سان، باهم جي پرسان ايترو قريب زمين تي ليٽي پوندو هو، جيترو اهو پاڻ کي باهم جي گرمي۽ ۽ ٻچائڻ کان بچائڻ لاءِ ڪافي سمجهندو هو۽ اهڙي۽ طرح ليٽي، هو دونهين جي ڪرن کي پنهنجي منهن گذرڻ ڏيندو هو. ٻيا وري دونهين ۾ ڊوڙندا ۽ پنهنجي ليڙيل ساٿي۽ منهن ٽپ ڏيندا هٿا. جڏهن باهم ٻري ختم ٿي ويندي هئي، تڏهن سپ چٽا ان جي رک اڏائيندا هٿا ۽ انهي۽ ڪارنامي ۾ هن ڪالهه تي مقابلو ڪندا هٿا ته منجهائن ڪير ٿو سيني کان زياده رک اڏائي.

آئرلنڊ جي شمالي حصي ۾ هي۽ رسم هوندي هئي ته هرهڪ خاندان "هئلووين" تي باهم جو هڪ وڏو ڍڳ ٻاريندو هو، جنهن کي "ڪوئيل ڪوئيٽ" سڏيو ويندو هو. اهو ڍڳ گهر جي پرسان سپ کان اوچي۽ جاءِ تي ٻاريو ويندو هو ۽ جڏهن باهم وسامي ويندي هئي، تڏهن هرهڪ پاتي ان جي رک ۾ هڪ اڇو پٿر اڇلائيندو هو، جنهن تي هن اڳواٽ هڪ نشان ڪري ڇڏيو هوندو هو. پوءِ باهم جي چوڌاري بيهي، هرهڪ ڇٽو پنهنجي دعا گهري، گهر وڃي سمهندو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو، جئين ئي اهي اٽندا هٿا، تئين پنهنجو پنهنجو پٿر ڳولي ڪيندا هٿا ۽ جيڪڏهن منجهائن ڪنهن جو پٿر غائب هوندو هو، ته کين هي۽ خيال ويهندو هو ته اهو ماڻهو ٻي۽ "هئلووين" ڏسڻ کان اڳي مري ويندو. سر جان رائيس جي قول مطابق، ڪرين تي باهين ٻارڻ سان "هئلووين" ملهائڻ جي عادت شايد اڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ويلس ۾ بلڪل ختم ڪانه ٿي چڪي آهي ۽ هن وقت تائين جيئرن ڪن ماڻهن کي بخوبي ياد آهي ته ڪيئن نه اهڙا ماڻهو، جي باهم بارڻ ۾ هٽ وڻائيندا هئا، تيسين اتي ترسي پوندا هئا، جيسين مڇ جي آخرين چٽنگ وسامي ويندي هئي ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو اهي سڀئي تي پير رکي وڻي پڇندا هئا ۽ واڪا ڪري هيئن چوندا هئا، "شل وارن وڌيل ڪاري سوئر سيني کان پوئين کي وڻي" ! انهيءَ پهاڪي ۾، جيڪو سر جان رائيس بلڪل صحيح چوي ٿو، هيءَ حقيقت پوشيده آهي ته در اصل اوائلي وقت ۾ مجمع سان هڪ ماڻهوءَ کي پوريءَ سنجيدگيءَ سان شڪار بڻايو ويندو هو. اهو پهاڪو اڄ ڏينهن تائين ڪارناوون شاير ۾ مروج آهي، جتي هارن کي ڊيجارڻ لاءِ اڃا تائين ڪڏهن ڪڏهن وارن وڌيل ڪاريءَ سوئر جا حوالا ڏنا ويندا آهن. اسين هينئر هيءَ گالهه سمجهي سگهون ٿا ته لوئر برٽنيءَ ۾، جو هر هڪ ماڻهو "وچ اونهاري" واريءَ ٻاهجي مڇ ۾ هڪ هڪ ٻڙي اڇلائيندو آهي. بنان ڪنهن شڪ جي، ويلس ۽ اسڪاٽلنڊ جي اتانهن پٽن وانگر اتي پڻ، هڪ يا ٻئي دور ۾ "سيني بزرگن جي ڏينهن" واري صبح جو، ٻڙين جي ڪرڻ وارين جاين ۽ سندن حالت مان زندگيءَ ۽ موت جا شگون ڪڍيا ويندا آهن. "سيلٽڪ" نسل جي ٽن جدا ۽ مختلف شاخن ۾ اهڙيءَ طرح جيڪا رسم ڏٺي ويئي آهي، سا شايد سندن منتشر ٿيڻ واري زماني کان اڳي جي آهي يا ڪم از ڪم اهڙي زماني جي آهي، جڏهن غير قومن انهن جي درميان جدائيءَ جي چپر کي اڃا تائين پوري زور سان ڪونه ٽوڪيو هو.

آئيل آف مئن ۾ اچ، جو سيلٽڪ نسل وارن ماڻهن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباد هڪ ٻيو ملڪ آهي، جديد زماني تائين "هئلووين" جي تقريب ٻاه جي مڇن ڀارڻ ۽ ٻين اهڙين رسمن ادا ڪرڻ سان ملهائي ويندي هئي، جي ڏرين ۽ ڏانڪين جي نقصانڪار اثرڪي زائل ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيون ويڻون هيون.

۷- **وچ سياري جون باهيون :** قديم يورپ جي بت پرست قومن جيڪڏهن "وچ اونهاري" جي موسم کي ٻاه جي هڪ وڏي تقريب ذريعي ساهايو، جيئن اسان کي اهڙي يقين ڪرڻ لاءِ ڪافي سڀا سبب مليا آهن، جنهن جا نشان اسان جي زماني تائين گهڻن هنڌن تي موجود آهن، تہ ان حالت ۾ هي قياس ڪرڻ بلڪل فطرتي آهي تہ اهي "وچ سياري" جي موسم کي ب ساڳين ئي رسمن ۽ سائن سان ملهائيندا هوندا، چاڪاڻ تہ "وچ اونهارو" ۽ "وچ سيارو" سڄ جي آسماني راه جا ب ظاهري عظيم قرندڙ نقطا آهن ۽ هڪ قديم النسل وحشي انسان جي نقطهِ نگاه ۾ هن کان زياده موزون ٻي ڪا ب ڳالهه نہ ٿي سگهي تہ انهن ٻن موقعن تي، جڏهن آسمان جي عظيم چراغ جي روشنائي ۽ گرمي گهٽجڻ يا وڌڻ لڳي، تڏهن هيٺ زمين تي باهيون ٻاريون وڃن.

معلوم ٿئي ٿو تہ جديد عيسائي دنيا ۾ قديم زماني جي سياري واري ٻاه جي تقريب، "يُول" ٻنڊ، ڪِلي، يا تختي، جيئن ان کي مختلف نالن سان انگلنڈ ۾ سڏيو ويندو هو، پراڻي رسم جي صورت ۾ زنده رهندي آئي آهي. اها رسم سڄي يورپ جي طول و عرض ۾ ڦهليل هئي، پر معلوم ٿئي ٿو تہ اها خاص طور انگلنڈ، فرانس ۽ سلئو نسل جي جنوبي لوڪن ۾ وڌندي ۽ ويجهندي رهي آهي، ڪر از ڪر انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسم جا سڀني کان زياده مڪمل بيان انهن ملڪن مان ملن ٿا.
هن حقيقت طرف، ته "يول" ٻنڊ وچ اونهاري جي ٻاه جو فقط
نعم البدل هو، جو ٿڌ ۽ موسم جي نامهربان آب و هوا سبب ٻاهر
ڪليل ميدان ۾ پارڻ بدران، گهر جي چئن پتين اندر روشن ڪيو
ويندو هو. اسان جو ڏيان قديم تواريخ جي هڪ ماهر برطانوي عالم،
جان برئنڊ، گهٽو زمانو اڳ چڪايو هو، ۽ انهيءَ نظريي کي
انهن متعدد وهمن وٽان تقويت حاصل ٿي رهي آهي، جي "يول"
ٻنڊ سان وابستہ ڪيا ويا آهن. اهڙا وهم، جن جو عيسائيت سان
ڪوبہ ظاهري واسطو ڪونهي، پر جن تي سندن ٻت پرستانہ
بنياد جي مهرصاف ۽ چٽيءَ طرح لڳل آهي. ٻر هڪ طرف، جيڪڏهن
ٻئي تقريبون ٻاهر سان وابستہ هيون، تہ ٻئي طرف سياري واريءَ
تقريب کي گهر اندر ملهائڻ جي ضرورت يا خواهش، خانگي
يا گهريلو تقريب جي نوعيت بخشي، جا اونهاري واريءَ تقريب
جي عام نوعيت کان نمايان طور مختلف ٿي ٻيهي ٿي، جنهن تي
سڀ ماڻهو ڪنهن ڪليل ميدان يا بلند مقام تي جمع ٿي، مشترڪ
طور ٻاهر جو وڏو سڄ ٻاريندا هٿا ۽ ٻاڻ ۾ گڏجي ان جي چوڌاري
نچندا ۽ خوشيون ڪندا هٿا.

اڻويهين صديءَ جي وچين حصي تائين "يول" ٻنڊ جي
قديم رسم وچ جرمنيءَ جي ڪن حصن ۾ اڃا تائين ادا ڪئي
ويندي هئي. چنانچہ، "سج" ۽ "لاهن" جي ماڻرين ۾ "يول" ٻنڊ،
جو شاه ٻلوط جي ٽڙ جو هڪ وڏو ٽڪر هوندو هو، چلهہ جي
زمين ۾ کوڙيو ويندو هو، جتي اهو ٻاهر هيٺان سڙڻ جي باوجود،
سڄي سال جي دوران ۾ ٻہ صفا سڙي رک ڪونہ ٿي ويندو هو.
جڏهن ٻئي سال نئون ٻنڊ وڏو ويندو هو، تڏهن پراڻي ٻنڊ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيهي سنهو ڪيو ويندو هو ۽ ان کي "پارهن راتين" جي دوران ۾ ٻنين ۾ ڇڪايو ويندو هو، چاڪاڻ ته اٿين سمجهيو ويندو هو ته انهيءَ طرح ٻيون پليون ۽ آباد ٿيندڙيون. ويسٽ فاليا جي ڪن ڳوٺن ۾ وري هيءَ رسم هوندي هئي ته جيئن ئي "يول" بند (ڪرسٽ برٿنڊ) کي باهه ۾ ٿوري لمهس ايندي هئي، تيئن ئي ڪيس ان مان چڪي باهر ڪڍيو ويندو هو، پوءِ ان کي احتياط سان سنياليو رکيو ويندو هو ۽ جڏهن به ڪو طوفان ايندو هو، تڏهن ان کي وري به باهه تي رکيو ويندو هو، چاڪاڻ ته ماڻهن جو اعتقاد هو ته جنهن گهر ۾ "يول بند" سڙندو هوندو، تنهن تي وڄ نه ڪرندي. ويسٽ فاليا جي ٻين ڳوٺن ۾ قديم رسم اها هوندي هئي ته "يول" بند کي لاباري وقت آخرين ويڙهل ستيءَ اندر پڌو ويندو هو.

فرانس جي گهڻن صوبن، خاص طرح پراونس صوبي ۾، "يول" بند يا "تري فوئر" جي رسم جي ادائگي، جيئن ان کي گهڻن هنڌن تي سڏيو ويندو هو، تمام گهڻي وقت تائين ڪئي ويئي. سترهين صدي عيسويءَ جو هڪ فرينچ مصنف هن اعتقاد کي محض وهم سمجهي، ان جي مذمت ڪندي چوي ٿو ته، "'تري فوئر' يا 'ناتال جي ڪاليءَ' نالي هڪ بند، جنهن کي اوهين ڪرسمس جي رات پهريون دفعو باهه تي رکو ٿا ۽ جنهن کي 'پارهينءَ رات' تائين ٿوري ٿوري وقفي لاءِ هر روز باهه تي رکندا رهو ٿا سو، جيڪڏهن اوهين ان کي بستري هيٺان رکندا ته اهو ايندڙ سڄي سال تائين گهر کي باهه ۽ گجگوڙ کان بچائي سگهندو، يا اهو سياري جي موسم ۾ گهر جي ماڻهن جي پيرن جي ڪڙين تي درد ناڪ سوج پيدا ٿيڻ کي روڪيندو، يا اهو چوپائي مال کي گهڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمارين کان شفايابَ ڪري سگهندو، يا وري جيڪڏهن ان جو ڪو ٽڪر انهيءَ پاڻيءَ ۾ ٻوڙبو، جيڪو ڪٿون پيئندڙ هوندڙون، تہ اهو انهن کي قردار بنائڻ ۾ مدد ڪندو، ۽ آخر ۾، جيڪڏهن ان جي رک کي ٻنين ۾ منتشر ڪيو ويندو، تہ اها ڪڏهن کي سينوارجڻ کان بچائي سگهندي."

فلنڊرس ۽ فرانس جي ڪن علائقن ۾ "يوُل" بند جي باقي بچيل رک، ڪوئلن، اڏوري سڙيل ڪاليءَ وغيره کي باقاعده طور گجگوڙ ۽ وڃ کان حفاظت خاطر گهر اندر بستري هيٺان رکيو ويندو هو، پيريءَ ۾ جڏهن گجگوڙ جو آواز ٻڌو ويندو هو، تڏهن گهر جو ڪو پاڻي انهيءَ بند جو ٽڪر ڪٽي باهه ۾ اچلائيندو هو، چاڪاڻ تہ سندن اعتقاد هو تہ اهو وڃ کي روڪي ڇڏيندو. وري، پيريگور ۾، رک ۽ ڪوئلا ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان جمع ڪيا ويندا. آهن ۽ انهن کي سڄيل ڳوڙهين جي علاج لاءِ محفوظ رکيو ويندو آهي، ٽڙ جي انهيءَ حصي کي، جو باهه ۾ نہ سڙيو هوندو آهي، هر هلائيندڙ ڪڙمي پنهنجن هرن لاءِ چپرن ٺاهڻ واسطي ڪتب آڻيندا آهن، چاڪاڻ تہ آهي هيءَ دعويٰ ڪندا آهن تہ اها ٻجن کي زياده جلد ڦٽڻ ۽ وڌڻ ۾ مدد ڏيندي آهي، ۽ زالون ان جي ٽڪرن کي پنهنجن چوزن لاءِ "ٻارهينءَ رات" تائين سانڍي رکنديون آهن. ڪن ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ ڪين اوترائي چوزا ٿيندا، جيتريون انهيءَ بند جي ٽاندن کي هيٺ مٽي ڪڙ سان منجهائڻ چٽگون ٽکرنديون، ٻيا وري جيتن ۽ جراثيم کي پچائي ڪڍڻ لاءِ وسايل ٽاندن کي بستري هيٺان رکندا آهن. فرانس جي مختلف علائقن ۾ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ اڏورو سڙيل بند گهر کي جادوءَ ۽ وڃ کان محفوظ رکندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- انگلنڊ ۾ ٻه "يوُل" ٻنڊ سان وابستہ رسمون ۽ اعتقاد ساڳيءَ ئي نوعيت جا هوندا هئا. ناتال کان هڪ ڏينهن اڳ واريءَ رات جو، قديم تواريخ جو ماهر مصنف، جان برئنڊ، چوي ٿو تہ "اسان جا ابا ۽ ڏاڏا غير معمولي ديگهہ ۽ ويڪر واريون شمعون روشن ڪندا هئا، جن کي اهي "ناتال جون موم بتيون سڏيندا هئا ۽ گهر کي روشن ڪرڻ ۽ جڏهن تہ رات کي ڏينهن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ باهہ تي ڪاٺ جو هڪ ٻنڊ رکندا هئا، جنهن کي اهي 'يوُل - ڪِلو' يا 'ناتال - تختو' چوندا هئا." قديم رسم مطابق، "يول" ٻنڊ کي گذريل سال واري ٻنڊ جي هڪ ٽڪر سان ٻارڻو هوندو هو، جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ سڄي سال تائين محفوظ رکيو ويندو هو، جنهن هنڊ انهيءَ ٽڪر کي اهڙيءَ ريت رکيو ويندو هو، اتي شيطان يا ڪا شرارت نہ ڪري سگهندو هو. ٻنڊ جي باقي بچيل حصن لاءِ ٻہ لائين سمجهيو ويندو هو تہ اهي گهر کي باهہ ۽ وڄ کان پناهہ ڏيندا.

"يوُل" ٻنڊ کي باهران ڪٽي گهر يا گوٺ ۾ آڻڻ جي رسم کي اڄ تائين ٻہ "سئو" نسل جون جنوبي قومون، خاص طرح سربيا جا باشندا، تمام گهٽيءَ سنجيدگيءَ سان ادا ڪنديون آهن. عام طرح اهو ٻنڊ شاهہ بلوط جي وڻ جي ٽڙ جو هڪ ٽڪر هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو زيتون يا "بيچ" جي وڻ جو ٽڪر ٻہ هوندو آهي. اهي ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪين اوتري قدر گابا، ريون، سوئر ۽ چيلا ٽيندا، جيتري قدر زياده چٽنگون اهي هرندڙ ٻنڊ مان ڪڍي سگهندا. ڪي ماڻهو ڳڙي کان پنهنجي حفاظت ڪرڻ لاءِ، انهيءَ ٻنڊ جو ٽڪر پاڻ سان گڏ باهر ٻنين ۾ ڪٽي ويندا آهن. آلبانيا ۾ ٽورائي سال اڳ تائين ناتال تي "يُول" ٻنڊ ساڙڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رسر عام جام هئي ۽ انهيءَ باھ جي رک پنين کي سرسبز ۽ آباد ڪرڻ لاءِ منجهن ڦهلائي ويندي هئي. هوزول قوم جا ماڻهو، جي ڪاريٽين جبلن ۾ آباد سلئو نسل جي هڪ قوم جا ماڻهو آهن، ناتال کان هڪ ڏينهن اڳ واريءَ رات تي (قديم طرز مطابق پنجين جنوري) ڪاڻيءَ جي ٽڪرن کي گسائڻ ذريعي باھ هارينڊا آهن، جنهن کي اهي "هارهينءَ رات" تائين پرند و رکندا آهن.

هيءَ ڳالھ قابل غور آهي ته هيءَ اعتقاد ڪيترقدر نہ عام معلوم ٿئي ٿو، ته "يول" بند جي باقي بچيل رک وغيره کي، بشرطيڪ ان کي سڄي سال تائين محفوظ رکيو وڃي، گهر کي باھ، ۽ خاص طرح ڇت، کان بچائڻ جي طاقت حاصل آهي. جيئن ته "يُول" بند عموماً شاه بلوط جي وڻ جي ڪاڻيءَ مان هوندو هو، ان ڪري هيءَ ڳالھ ممڪن معلوم ٿئي ٿي ته اهو اعتقاد شايد قديم آريه مذهب جو هڪ يادگار، جو شاه بلوط جي وڻ کي ڪجگوڙ جي ديوتا سان وابسته ڪندو هو. "يُول" بند جي رک ڏانهن منسوب ڪيل شفايابيءَ يا آبادي‌ءَ جون خاصيتون، جن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهي ماڻهن خواه جانورن جون بيماريون چٽائي ڇڏيندیون آهن، ڪٿن ڪٿي ڦردار ٻڌائيندیون آهن ۽ زمين جي آبادي‌ءَ ۾ اضافو آڻيندیون آهن، ساڳي ئي قديم سرچشمي مان حاصل ڪري سگهبيون يا نہ، سو هڪ اهڙو سوال آهي، جو اسان جي ڳوڙهي ويچار جو مستحق آهي.

۸- **ضرورت واريون باھيون:** هن حد تائين باھ جي جن بہ تقريبن جو بيان ڪيو ويو آهي، سي سڀ سال جي‌ڪن مقرر وقتن تي فصلي طور ملهايون ويندیون آهن. پر باقاعدگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان بار بار ايندڙ اهڙين تقريبن کان علاوه، يورپ جي گهٽن علائقن جا ڪاشتڪار، حافظي جي دائري کان ٻاهر وارن زمانن کان وٺي، مصيبت ۽ تڪليف وارين موسمن، خاص طرح جڏهن ستندن چوپائي مال ۾ ڪا متعدي بيماري ڦهليل هوندي هئي، گهٽ وڌ وقتن تي ٻاه جي تقريبن منعقد ڪرڻ جا عادي رهيا آهن. يورپ جي عام ٻاه وارين تقريبن جو ڪو بيان اهڙين عجيب و غريب رسمن تي ڪجهه ڏيان ڏرڻ کان سواءِ مڪمل ڪونہ ٿي سگهندو، جن کي اسان جو خيال پاڻ ڏانهن مبذول ڪرائڻ جو هن سبب ڪري اڄا ب زياده حق حاصل آهي، چاڪاڻ ته انهن کي شايد ٻاه جي ٻين سڀني تقريبن جي بيخ ۽ بنياد تصور ڪري سگهجي ٿو، يقيناً، يقيناً، انهن تقريبن جو سلسلو ڪنهن تمام ڊوڙانهين قديم زماني کان وٺي شروع ٿيو آهي. جنهن عام نالي سان اهي ٽيوٽانڪ نسل وارين قومن ۾ سڏيون ويندیون آهن، سو آهي "ضرورت واريون ٻاهيون." ڪڏهن ڪڏهن ضرورت واريءَ ٻاه کي زياده رواجي طريقن سان حاصل ڪيل هلڪيءَ ٻاه کان، بنان ڪنهن شڪ جي، ممير ڪرڻ لاءِ "جهنگلي ٻاه" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. سڀئي نسل وارين قومن ۾ ان کي "جيئري ٻاهه" سڏيو ويندو آهي.

انهيءَ رسم جي تاريخ جوسراغ اوائلي قرون وسطيٰ کان وٺي، جڏهن ڪليسا طرفان ان لاءِ هڪ بت پرستانہ وهم هڻڻ جي فتويٰ صادر ڪئي ويئي، اڻويهين صدي عيسويءَ جي پهرئين نصف حصي تائين ملي سگهي ٿو، جڏهن اها جرمنيءَ، انگلنڊ، اسڪاٽلنڊ ۽ آئرلنڊ جي مختلف حصن ۾ اڄا ب ڪن موقعن تي ادا ڪئي ويندي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته سڀئي نسل وارين قومن ۾ اها اڄا ب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياده طويل زماني تائين زنده رهندي آئي. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ جو دستوري موقعو پليگ يا چوپائي مال جي وڇڙندڙ مرض جو منهن ڏيڻ هوندو هو، جنهن لاءِ ضرورت واريءَ باه ڪي تير بهدف علاج سمجهيو ويندو هو، جن جانورن کي ان کان متاثر ٿيندڙ سمجهيو ويندو هو، تن ۾ ڳئون، سوئر، گهوڙا ۽ ڪڏهن ڪڏهن آڙيون شامل هونديون هيون. ضرورت واريءَ باه ٻارڻ لاءِ هڪ ضروري ابتدائي شرط، آس پاس وارين ٻين سڀني باهين ۽ روشنائين کي گل ڪرڻ جو هوندو هو، ايتري قدر جو هڪ چنگ ۾ ڪٿي روشن نه رهڻ گهربي هئي، چاڪاڻ ته جيسين ڪنهن گهر اندر رات جو ڏيئو ۾ ٻرندو هوندو، تيسين ائين سمجهيو ويندو هو ته ضرورت واري باه ڪڏهن ۾ نه ٻرندي. ڪڏهن ڪڏهن فقط انهيءَ ڳوٺ جي سڀني باهين کي ئي وسائڻ ڪافي سمجهيو ويندو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن آس پاس جي ڳوٺن ۽ سڄي ضلعي جون باهيون ۾ وسايون ويندیون هيون. اسڪاٽلنڊ جي اتانهن پٽن جي ڪن علائقن ۾ اهو قانون هوندو هو ته اهڙن سڀني گهرن وارن کي، جيڪي ڪن قريب ترين وهندڙ ڪسين جي درميان رهندا هئا، مقرر ڪيل ڏينهن ئي پنهنجيون سڀ باهيون ۽ روشنايون گل ڪرڻيون هونديون هيون. عام طرح ضرورت واري باه ڪليل ميدان ۾ ٻاري ويندي هئي، ۽ سربيا جي ڪن حصن ۾ اها اونداهي ڪمري اندر روشن ڪئي ويندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن باه ٻارڻ واري جاءِ، رستي جو چونڪ يا رستي ۾ ڪوٽيل هڪ ڪڏ هوندي هئي. اسڪاٽلنڊ جي ڪٿانهن پٽن ۾ انهيءَ رسم ادا ڪرڻ جي سوزون جاءِ، ٽڪريون يا درياهن جا ننڍا ٻيٽ، هوندي هئي.

ضرورت واريءَ باه ٻارڻ جو هڪ عام طريقو ڪاٺ جي ٿن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽکرن کي هڪ ٻئي سان گسائڻ جو هوندو هو، اها ٻاه پٿر کي فولاد هڻڻ سان روشن ڪرڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. جنوبي "سلئو" نسل وارين کي قومن ۾، سانڊاڻ تي لوه جي ٽڪر سان ڏڪ هڻي، ضرورت واريءَ ٻاه ٻارڻ جي رسم جو بيان آسان کي تمام ٿورين حالتن ۾ پڙهيو آهي. جتي انهيءَ ٻاه ٻارڻ لاءِ استعمال ٿيڻ واريءَ کائيءَ جو خاص طور ذکر ڪيل هوندو آهي، اتي عام طرح ڏٻو ويو آهي تہ اها کائي شاه بلوط جي وڻ جي هوندي آهي، پر رائين ندیءَ جي زيرين وادیءَ ۾ اها ٻاه شاه بلوط يا "فر" وڻن جي کائين کي هڪ ٻئي سان گسائڻ ذريعي پيدا ڪئي ويندي هئي. "سلئو" نسل وارين قومن جي ٻلکن ۾، ٻڏو ويو آهي، انهيءَ مقصد لاءِ "پاپلر" "پيئر"، ۽ "ڪارنيل" قسمن جي وڻن جي کائين کي ڪم آندو ويندو هو. عام طرح سان ٻاه ٻارڻ جي سامان کي فقط خشڪ کائيءَ جا ٽڪر چيو ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن نون مختلف قسمن جون کائيون ضروري سمجهيون ويندیون هيون. پر اهي شايد هڪ ٻئي سان گسائي، ٻاه پيدا ڪرڻ لاءِ نہ، پر ٻاه جي سڃ ۾ ساڙڻ لاءِ استعمال ڪرڻيون هوندیون هيون. ضرورت واريءَ ٻاه کي روشن ڪرڻ جو مخصوص طريقو مختلف ضلعن ۾ مختلف هوندو هو. انهن سيني مان زياده عام طريقو هيءَ هو: ٻہ ڊگها لکڙا هڪ ٻئي کان اٽڪل ڏيڍ فوٽ جي مفاصلي تي زمين اندر کوڙيا ويندا هٿا. هرهڪ لکڙي کي هڪ ٻئي جي سامهون واري پاسي ۾ هڪ سوراخ ٿيل هوندو هو، جنهن ۾ هڪ لسو آڏو لکڙي جو ٽڪر يا ڏنڊو وڌو ويندو هو. سوراخن ۾ اڳڙيون پريون ويندیون هيون ۽ ڦرندڙ گهرندڙ آڏي ڏنڊي جون ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇڑيون سوراخن ۾ زوريءَ گھيڑيون ويندیون ھيون. ڦرندڙ ڏنڊي کي زياده آتشي ڪرڻ لاءِ، گھٽو ڪري ڏامر جو ھٿ ھنيون ويندو ھو. پوءِ ڏنڊي جي چوڏاري ھڪ رسو ويڙھيو ويندو ھو، جنھن جي ٻنھي پاسن وارين آزاد پڇڑين کي ۾ يا ان کان زياده ماڻھو پڪڑيندا ھئا، جي رسي کي تيزيءَ سان ھيڏانھن ھوڏانھن ڦيري، ڏنڊي کي زور زور سان ڦيرائيندا ھئا، تانجو زوردار رڳڙ سبب سوراخن ۾ پيل اڳڑين کي باھ ونڊي ھئي. چٽگن کي ھڪدم رسين مان ٺھيل ھڪ مُڇي ۾ لڳايو ويندو ھو ۽ ان کي گول چڪر جي صورت ۾ تيزيءَ سان ڦيرايو ويندو ھو، تانجو ھڪ چمڪدار وڏو ٻٽيت ٻري پوندو ھو، جنھن کان پوءِ گاھ ٻاري، انھن ڪائين ۽ پن شين کي باھ ڏني ويندي ھئي، جن مان باھ جي سڄ ٻارڻ لاءِ ڊير ناھيو ويندو ھو. گھٽو ڪري ھڪ ڦيٽو، ڪڏھن ڪڏھن ڳاڏيءَ جو ڦيٽو، يا وري ڪڏھن چرخي جو ڦيٽو، انھيءَ تقريب جو ھڪ حصو ھوندو ھو، ائبرڊين شاير ۾ ان کي "وڏو ڦيٽو" سڏيو ويندو ھو، "سُل" نالي ھڪ ٻيٽ ۾ انھيءَ ڦيٽي کي شاھ بلوط جي ڪاٺيءَ جي نون ڪِلن مٿان ڦيرايو ويندو ھو. ڪڏھن ڪڏھن، اسان کي فقط ايترو ٻڌايو ويو آھي، ڪاٺ جي ٻن تختن کي ھڪ ٻئي سان گسايو ويندو ھو. ڪڏھن ڪڏھن ھيءَ قاعدو رکيو ويندو ھو تہ باھ ٻارڻ لاءِ جيڪو گاڏيءَ جو ڦيٽو استعمال ڪيو وڃي ۽ شاھ بلوط جي جنھن ڪاٺيءَ تي ان کي ڦيرايو وڃي، سي ٻئي نوان ھٿ گھرجن. ساڳيءَ طرح ھيٺن ۾ ڇيو ويندو ھو تہ جيڪا رسي ڦرندڙ ڏنڊي کي ڦيرائي، سا ٻئي ٽئين ھٿ گھرجي؛ جيڪڏھن ممڪن ٿي سگھي، تہ اھا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسي اهڙن ڏاڪڻ مان وڃي وڃي، جي ڦاسيءَ واريءَ رسيءَ مان ڪڍيا ويا هجن، جنهن سان ڪن ماڻهن کي لٽڪائي ماريو ويو هجي. اها ڳالهه سخت ضروري ڪا نه هوندي هئي، پر تقريب کي مڪمل ڪرڻ جي هڪ چيز هئي.

اهڙن ماڻهن لاءِ، مختلف قسمن جا قاعدا ۽ قانون مرتب ڪيا ويا هئا، جن کي ضرورت واريءَ ٻاهه ٻارڻ جي اجازت هئي يا جن کي ٻاهه ٻارڻ لازمي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هيٺ-ڇيو ويندو هو ته جيڪي ٻ ماڻهو انهيءَ رسيءَ کي چڪين، جيڪا ڏنڊي کي ڦيرائي تن کي هميشه کو ياڻ يا ڪم از ڪم نالي پائي هيٺ گهرجي، جيڪڏهن اهي ٻ ماڻهو فقط ٻاڪدامن نوجوان هوندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن ايتري ڳالهه ڪافي سمجهي ويندي هئي. برونسوڪ جي ڪن ڳوٺن ۾ ماڻهو سمجهندا هئا ته جيڪڏهن سيني اهڙن ماڻهن جا پهريان نالا ساڳيا نه هوندا، جيڪي ضرورت واريءَ ٻاهه ٻارڻ ۾ هٿ وٺائيندا، ته اِن صورت ۾ انهن سيني جي محنت رائيگان ويندي. سائليشيا ۾ ضرورت واريءَ ٻاهه ٻارڻ لاءِ جيڪو وڻ استعمال ڪيو ويندو هو، تنهن کي جاڙن پائرن جو هڪ جوڙو ڪيرائيندو هو. اسڪاٽلنڈ جي مغربي ٻيٽن ۾ اها ٻاهه ايڪاسي شادي شده ماڻهو ٻاريندا هئا، جي نون نون ماڻهن جي تولين ۾ ورهائجي، ڪاٺ جي ٻن تختن کي هڪ ٻئي سان گسائيندا هئا، اتر "يوئيسٽ" ۾، آهي ايڪاسي ماڻهو جيڪي ٻاهه ٻارندا هئا، سي سيئي پنهنجن والدين جا پهريان پٽ هوندا هئا، پر اسان کي اهو ڪوبه ٻڌايو ويو آهي ته اهي شادي شده هوندا هئا، يا مجرد. سربيا جي باشندن ۾ ضرورت واري ٻاهه ڪڏهن ڪڏهن يارهن ۽ چوڏهن سالن جي درميان واريءَ جمار وارو هڪ چوڪرو ۽ هڪ چوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارينداآھن، جي اونداھي ڪمري اندر مادرزاد ننگا ٿي، اھو ڪم ڪندا آھن. بلڪاريہ ۽ پڻ، ضرورت واريءَ باھ ٻارڻ وارا ٻنھنجا ڪپڙا لاھي بلڪل اڳھاڙا ٿيندا آھن، ڪٽينس ۽ اھي ماڻھو ٻنھنجن جسمن تان ھرقسم جي ڏاتوءَ مان ٺھيل شيون لاھي چڏيندا آھن. جيڪڏھن ڪائين کي گھٽيءَ دير تائين گسائڻ کان پوءِ بہ انھن مان باھ نہ نڪرندي ھئي، تہ اھي سمجھندا ھئا تہ ڪوٺ اندر ڪٿي نہ ڪٿي ڪا باھ ٻرندي ھوندي، ان کري گھر گھرجي سخت تلاشي ورتي ويندي ھئي. جيڪڏھن ڪٿي بہ ڪا باھ ٻرندي ڏٺي ويندي ھئي، تہ اھا ھڪدم وسائي ويندي ھئي ۽ غافل-گھر واري کي سزا ڏني ويندي ھئي يا ساڻس سخت ڪلامي ڪئي ويندي ھئي، درحقيقت ان جي مٿان ڪِرو ڏنڊ وڏو ويندو ھو.

ضرورت واري باھ جڏھن آخرڪار ٻري ويندي ھئي، تڏھن ان مان باھ جو ھڪ وڏو مچ روشن ڪيو ويندو ھو ۽ جيئن ئي باھ ڪجھ قدر وسامي ويندي ھئي، تيئن ئي چوپاين جانورن کي چمڪندڙ ٽانڊن مٿان گھمايو ويندو ھو ــ ڪڏھن ڪڏھن باقاعدہ طور ۽ سلسليوار، ڦھريائين سوئر، ٻوءِ ڪُتن ۽ آخر گھوڙا. ڪڏھن ڪڏھن ڪيئن بہ بہ، يا ٿي، ٿي دفعا دونھين ۽ باھ مان لنگھايو ويندو ھو، جنھنڪري ڪن وقتن تي ڪي جانور باھ جي اثر کان سڙي، آتي ٿي مري ويندا ھئا. جيئن ئي سڀ ڏور باھ مان لنگھي ويندا ھئا، تيئن ئي نوجوان ماڻھو رڪ ۽ وسايل ٽانڊن تي وڌي ڏڪ ڏوڙ شروع ڪندا ھئا ۽ انھن کي ھڪ ٻئي مٿان چڙھائيندا ھئا ۽ انھن سان ھڪ ٻئي جا منھن ڪارا ڪندا ھئا. جيڪي سيني کان زياده ڪارا ٿي ويندا ھئا، سي ڏورن پٽيان فاتحانہ انداز ۾ ڪوٺ مان لنگھندا ھئا ۽ گھٽي وقت تائين پاڻ کي ڏوئي صاف نہ ڪندا ھئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهر جي سچ مان ماڻهو پرندڙ ٽانڊا گهر ڪڻي ويندا هئا، جن مان اهي پنهنجن گهرن جي باهر پاريندا هئا. انهن ٽانڊن کي پاڻي ۽ وسائڻ کان پوءِ، اهي پنهنجي چوپائي مال جي کونرن ۾ رکندا هئا. جن مان اهي ڏور کائيندا هئا ۽ اهي انهن ٽانڊن کي کافي وقت تائين چڏي ڏيندا هئا. باهر جي سچ مان بچيل رک کي فصلن کي جيتن کان محفوظ رکڻ لاءِ پنين ۾ چڙکائيندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اها رک بيماريءَ ۾ علاج طور استعمال ڪرڻ لاءِ گهر ڪڻي ويندا هئا ۽ ان کي ڏکيل عضوي مٿان ٻرڪيندا هئا يا مريض ان کي پاڻيءَ ۾ ملائي پيئندو هو. اسڪاٽلنڊ جي مغربي جزيرن ۽ پاسي واريءَ ايراضيءَ ۾، جئين ئي گهر واريءَ چلهه جي باه کي ضرورت واريءَ باه مان دوباره پاريو ويندو هو، تئين ئي پاڻيءَ سان پريل هڪ برتن مٿانئس رکيوويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح گرم ٽيل پاڻي بعد ۾ پليگ جي بيمار ماڻهن يا بيمار ڏورن مٿان چڙکايو ويندو هو. باه جي انهيءَ سچ مان ٺهرندڙ دونهين ڏانهن خاص خوبيون منسوب ڪيون ويندیون هيون. سئيڊن ۾ ميويدار وڻن ۽ ٻڇيءَ ڦاسائڻ جي چارين کي انهيءَ دونهين جو واس ڏنو ويندو هو، تہ جيئن وڻ جهجهو ڦر جهلين ۽ چار گهٽيون ڇڏيون ڦاسائين. اسڪاٽلنڊ جي اتانهن ميدانن ۾ ضرورت واريءَ باه کي جادوءَ جوهڪ شهنشاهي علاج تصور ڪيو ويندو هو. "مَل" نالي ٻيٽ ۾، جڏهن چوپائي مال جي بيماريءَ کان چوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ اها باه پاري ويندي هئي، تڏهن اسان ٻڌو آهي تہ انهيءَ رسم جي ادائگيءَ سان گڏو گڏ هڪ بيمار ٻهاڑي ڪُئون قربان ڪئي ويندي هئي، جنهن کي ٽڪر ٽڪر ڪري، باه ۾ ساڙيو ويندو هو. سلئو نسل وارا ۽ بلگاريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڪاشتڪار ڇوپائي مال جي پليگ کي ھڪ شيطان يا اھڙو بد روح سمجھندا ھئا، جو جيئرن ماڻھن ۾ ڏورن جو رت چوسڻ لاءِ پنھنجي مرده جسر کي قبر کان ڇڪي باھر ڪڍي ايندو آھي، جنھن کي سندس ۽ ڏورن جي ڏٺن جي درميان باھ جي رڪاوٽ ڪڙي ڪرڻ سان دور رکي سگھجي ٿو. ڏورن جي انھيءَ بيماريءَ لاءِ ضرورت واريءَ باھ کي علاج طور استعمال ڪرڻ واري رسر، جا ھرھنڌ موجود آھي، تنھن جو اوائلي سبب شايد انھيءَ ساڳي ئي نظريي جو وجود ھوندو. معلوم ٿئي ٿو تہ جرمنيءَ جي ڪن حصن ۾ ماڻھو ڏورن جي انھيءَ بيماريءَ جي ڦھلجڻ تائين انتظار ئي ڪونہ ڪندا ھئا، پر موقعي کي غنيمت ڄاڻي، انھيءَ آفت کي نازل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ سال بسال ضرورت واري باھ ٻارينداھئا. ساڳيءَ طرح، چيو وڃي ٿو، پولنڊ جا ڪڙمي ھر سال سينٽ روڪس واري ڏينھن تي ڳوٺ جي گھٽين ۾ باھيون ٻارينداآھن ۽ ڏورن کي بيماريءَ کان بچائڻ لاءِ، ئي دفعا باھ سان لنگھائيندا آھن. اسان اڳي ئي ڏسي آيا آھيون تہ ھيبرائيلس پيٽن ۾ ڏورن کي ساڳي ئي مقصد لاءِ ھرسال "بيلٽين" باھين جي چوڌاري ساڳئي نموني سان ڦيرا ڏياريا ويندا ھئا. سٽزرلنڊ جي ڪن ضلعن ۾ اڄا تائين ننڍا ٻار ڪائيءَ کي گسائي، ڏنڊ کي صاف ڪرڻ لاءِ ضرورت واري باھ ٻارينداآھن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيهٽون

باهه جي تقريبن جو مفهوم ۽ معني

۱- **باهه جي عام تقريبن متعلق :** يورپ جي مقبول عام باه جي تقريبن جو آسان جيڪو مٿي جائزو ورتو آيا آهيون، سو آسان کي ڪن تبصرن ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. سڀ کان اول تہ آسان انهن رسمن جي هڪ ٻئي سان مشابهت تي غور ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهون، خواه اهي سال جي ڪهڙي ۾ حصي ۾ يورپ جي ڪهڙي ۾ علاقي ۾ ادا ڪيون ويئون آهن. باه جي وڏن مڇن ۾ارڻ، مٽائڻ ٽپن ڏيڻ ۾ سندن وچان يا چوڌاري چوپائي مال کي لنگهائڻ يا ڦيرين ڏيارڻ جي رسم سڄي يورپ ۾ عملي طور عام سطح تي ڦهليل نظر اچي ٿي ۾ پنهن، باغن، چراگاهن يا ڍورن جي واڙن جي چوڌاري، هٿن ۾ ٻرندڙ مشعلون ڪٽي، جلوسن جي صورت ۾ ڦرڻ يا سندن چوڌاري ڊوڙڻ متعلق ۾ ساڳي ٿي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي. ٻرندڙ ٽالهيون هوا ۾ اڇلائڻ يا ٻرندڙ ڦيٽا ٽڪريءَ جي لاهين تان گهمڪائي، هيٺ موڪلڻ جي رسم، بهر حال، گهٽي قدر ڦهليل نہ ٿي معلوم ٿئي. "يول" بنڊ جي رسم پنهنجيءَ شخصي ۽ مخصوص نوعيت سبب، باه جي ٻين رسمن کان مختلف هئي۽ پر اهو امتياز وچ سياري جي محض ناخوشگوار آب و هوا سبب وجود ۾ آيل نظر اچي ٿو، جا عام ماڻهن جي ڪنهن ٻ ميڙ کي ڪليل هوا ۾، نہ فقط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وٹندڙ بڻائيندي، پر اها ڪنهن به وقت مينهن جي وسڪاري يا برف جي ڪرڻ سبب ٿئ تقريب جي اهم ترين شيءَ، يعني ٻاه ڪي وسائي، مجمع جي مقصد ڪي ئي فوت ڪري ڇڏيندي. انهن مقامي يا موسمي فرقن ڪان علاوه، سڄاڻ جي سيني وقتن تي ۽ سيني هنڌن ۾ منعقد ٿيندڙ ٻاه جي تقريبن جي درميان مشابهت ڪافي حد تائين قريبي آهي. جهڙيءَ طرح خود رسمون هڪ ٻئي سان مشابهت رکن ٿيون، تهڙيءَ طرح آهي فائدا به هڪ ٻئي سان مشابهت رکن ٿا، جن جي حاصل ڪرڻ جي ماڻهن ڪي توقع رهي ٿي. ٻاه ڪي، خواه ڪن خاص مقرر هنڌن تي پرندڙ وڻن ڇڻ، خواه اهڙين روشن مشعلن جي وسيلي استعمال ڪيو وڃي، جي هڪ ڪان ٻئي هنڌ نيون وڃن يا ڪيس پرندڙ ڪائين جي ڏير مان نڪتل ٽانڊن ۽ رڪ ذريعي ڪتب آندو وڃي، هر حالت ۾ ان ڪي فصلن جي واڌ ۾ اضافي آڻڻ ۽ ماڻهن ۽ حيوانن ڪي سندن ئي بهبودي ۽ پلائيءَ ۽ لاءِ طاقتور بڻائي يا اهڙين مصيبتن ۽ آفتن ڪان دور رکي، جي ڪڇڪوڙ ۽ وڄ، ٻاه، پاري، جيتن، غير آبادي، بيماري، ۽ سپ ڪان زياده جادوءَ جي سبب ڪري سندن بقا ۽ وجود لاءِ مضر آهن، مفيد ۽ ڪار آمد سمجهيو وڃي ٿو.

پر، اسان بلڪل فطرتي طرح هن سوال ڏانهن لاءِ حق بجانب ٿيندا سون ته آخر اهو اتفاق ڪيئن ٿيو، جو ماڻهن اهڙن سڌن ۽ سادن ذريعن مان ايڏن وڏن ۽ اڪيچار فائدن حاصل ڪرڻ جي اميد رکي؟ اهو ڪهڙو طريقو هو، جنهن جي ذريعي ماڻهن سمجهيو ته ٻاه ۽ دونهين، ٽانڊن ۽ رڪ ڪي استعمال ڪرڻ سان اهي ايترا ڳهٽا فائدا حاصل ڪري سگهندا يا ايترن سارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقصانن کي ٽاري سگھندا؟ جديد دور جي تفتيش کندڙن باھ جي تقريبن جون ٻ مختلف سمجھاڻيون پيش ڪيون آھن. ھڪ طرف هيءَ راءِ قائم ڪئي ويئي آھي تہ اھي سورج - جنتر يا جادوءَ جا ٽوٽا آھن، جن جو مقصد، نقال جادوءَ جي اصول تي باھيون پاري ۽ زمين تي گرميءَ ۽ روشنيءَ جي عظيم فلڪياتي سرچشمي جو نقل ڪري، ماڻھن، سرن ۽ ٻوٽن لاءِ ضرورت مطابق سج جي روشنائيءَ مھيا ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ جو آھي. اھو نظريو ولھيلم مئنھارڊٽ جو قائم ڪيل آھي. ان کي ڪٽي شمسي نظريو سڏجي، ٻئي طرف هيءَ راءِ قائم ڪئي ويئي آھي تہ انھن رسمي باھين جو سج سان کو ضروري واسطو ڪونھي، پر انھيءَ جو مقصد محض پاڪائيءَ حاصل ڪرڻ جو آھي، جي سيني نقصانڪار ۽ ضرر رسان اثرن کي ساڙڻ ۽ ناس ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيون ويئون آھن، خواہ انھن جو تصور ڏانٽين، آدم خورن ۽ ديون جي شخصي صورت ۾ ڪيو ويو آھي، يا ھوا ۾ ڦھليل ڪنھن بد اثر يا بچڑائيءَ جي غير شخصي صورت ۾. اھو ئي نظريو ڊاڪٽر ايڊورڊ ويسٽر مارڪ ۽ شايد پروفيسر يوجين سوگڪ جو ٻ آھي. ان کي ڪٽي پاڪائيءَ جو نظريو سڏجي. ظاھر طور اھي ٻئي نظريا باھ جيءَ متعلق ٻن بلڪل مختلف تخيلن جو اظھار ڪن ٿا، جا انھن رسمن ۾ سيني کان زياده اھم ڪردار ادا ڪري ٿي. ھڪ نظريي مطابق باھ، اسان جي ويڪرائي ڪاڪ ۾ سج جي روشنائيءَ وانگر، ھڪ وڏندڙ ۽ تخليقي قوت آھي، جا ٻوٽن جي واڌ ۾ اضافو آڻي ٿي ۽ ھر اھڙيءَ شيءَ کي زندگي بخشي ٿي، جا صحت ۽ خوشيءَ جو باعث آھي. ٻئي طرف، باھ ھڪ غضبناڪ ۽ ناس ڪندڙ قوت آھي، جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن سڀني اڻ وڻندڙ عناصرن کي، خواه روحاني يا مادي، ساڙي فنا ڪري ڇڏي ٿي، جي انسان، حيوان ۽ نباتات جي هستيءَ ۽ بقا لاءِ مهلڪ ۽ تباه ڪن آهن. هڪ نظريي مطابق، باهم هڪ روح - افزا ۽ جان بخش هستي آهي ۽ ٻئي مطابق، اها خطرناڪ ۽ مضر جزن کي ناس ڪندڙ هڪ ذريعو آهي. هڪ نظريي مطابق، ان جي خاصيت اثباتي آهي ته ٻئي مطابق، اها منفي آهي.

ان جي باوجود، جيتوڻيڪ اهي ٻئي سمجهاڻيون انهيءَ نوعيت ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهن، جا اهي ٻاه ڏانهن منسوب ڪن ٿيون، تہ به اهي ٻئي مڪمل طور ناقابل مفاهمت ناهن. جيڪڏهن اسين هيءَ فرض ڪريون تہ انهن تقريبن تي جيڪي باهيون پاريون ويندیون هيون، تن جو بنيادي مقصد سڄ جي روشنائيءَ ۽ گرميءَ جو نقل ڪرڻ هوندو هو تہ چا، اسين پاڪائي پيدا ڪندڙ ۽ نقصانڪار جزن کي ناس ڪندڙ خاصيتن کي، جيڪي معلوم ٿي ٿو تہ عام راءِ يقيناً انهن (گرميءَ ۽ روشنائيءَ) ڏانهن منسوب ڪيون آهن، اهڙيون صفتون نہ ٿا سمجهي سگهون، جي سڄ جي روشنائيءَ جي پاڪائي ڏيندڙ ۽ نقصانڪار جزن کي ناس ڪندڙ خوبين مان ڪنهن طرح حاصل ڪيون ويون آهن؟ اهڙيءَ طرح، اسين هيءَ نتيجو اخذ ڪري سگهون ٿا تہ هڪ طرف، جيڪڏهن انهن رسمن ۾ سڄ جي روشنائيءَ جو نقل اولين ۽ اصل حيثيت رکندڙ جز هوندو ٻئي طرف، پاڪائيءَ جي صفت، جا انهن ڏانهن منسوب ڪئي ويندي هئي، ثانوي ۽ ماحصل هئي. اهڙو فيصلو، جو انهن ٻن متضاد نظرين جي وچ ۾ درمياني مقام تي بيٺل آهي ۽ جو ٻنهي ۾ سڄ جي جز ڪي تسليم ڪري ٿو، منهنجي طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جي اوائلي طباعتن ۾ ڏنو ويو هو. پر انهيءَ ۾ ڊاڪٽر ويسٽرمارڪ فقط پاڪائيءَ واري نظريي جي حق ۾ تمام زوردار دليل بازي ڪئي آهي، جنهن ڪري مون کي هيئن چوڻو پوي ٿو ته سندس دليل تمام وزنائتا آهن ۽ سيني حقيقتن جي زياده مڪمل جائزي ڪرڻ تي، شهادتن جو ڪانٽو، منهنجيءَ راءِ ۾، يقيني طور سندس ئي حق ۾ جُهڪي ٿو. بهرحال، مقدمو ايتري قدر صاف ناهي، جو اسان کي شمسي نظريي کي، بغير ڪنهن بحث مباحثي ڪرڻ جي، نظر انداز ڪرڻ لاءِ حق بجانب ٺهرائي. ان ڪري منهنجي راءِ آهي ته انهيءَ نظريي جي خلاف شهادتن پيش ڪرڻ کان پيشتر، اهي دليل پيش ڪيا وڃن، جي ان جي حق ۾ آهن. اهڙو نظريو، جنهن کي ڊيليو. مٿهاربٽ جهڙي ايڈي وڏي عالم، تيز فهم ۽ باريڪ بين تفتيش ڪندڙ جي حمايت حاصل آهي، اسان جي سماعت جو حقدار آهي.

۲- **باهر جي تقريبن جو شمسي نظريو:** هن ڪتاب جي ابتدائي حصي ۾ اسان ڏٺو ته هڪ وحشي ماڻهو ۽ اس پيدا ڪرڻ لاءِ جادوءَ جي جنترن کان ڪم وٺي ٿو ۽ هن باري ۾ بي تعجب جي ڪا گنجائش ڪانهي، جيڪڏهن اسين يورپ جي قديم النسل ماڻهوءَ کي به ائين ئي ڪندو ڏسون. درحقيقت، جڏهن اسين سال جي اڪثر حصي ۾ يورپ جي سرد ۽ ابرآلود آب و هوا تي غور ڪنداسون، تڏهن اسان کي هيءَ ڳالهه فطرتي نظر ايندي ته سورج-جنترن-يورپي قومن جي وهمي رسم و رواج ۾ انهن وحشين جي رسمن کان زياده اهم ڪردار ادا ڪيو هوندو، جي خط استوا جي زياده نزديڪ رهن ٿيون ۽ جن کي نتيجي طور، ضرورت کان زياده سج جي روشنائيءَ ملي جو امڪان هو. باهر جي تقريبن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ نظريي کي اهڙن مختلف دليلن طرفان حمايت حاصل ٿي سگهي ٿي، جي ڪجهه قدر انهن جي تاريخن، جزوي طور انهن جي نوعيت ۽ ڪنهن حد تائين انهيءَ اثر مان حاصل ٿين ٿا، جيڪو اهو عام خيال موجب، آب و هوا ۽ نباتات تي پيدا ڪندو آهي.

سڀ کان اول، انهن تقريبن سلهائڻ جي تاريخن جي باري ۾ هيءَ ڪو محض حادثو نه ٿو ٿي سگهي ته سيني کان زياده اهم ۽ دور دور تائين مروج، ۽ تقريبن جو وقت اهڙيءَ طرح مقرر ڪيو ويو آهي، جو ٿوريءَ يا گهٽيءَ حد تائين اونهاري جي ودڻي کان ودڻي، ۽ سياري جي نديءَ کان نديءَ ڏينهن، يعني سڄ جي ظاهري فلڪي رستي جي ٻن ڦرندڙ نقطن سان ٺهڪي ٿو، جڏهن اهو ٻن پهرن وقت علي الترتيب پنهنجيءَ اوچيءَ کان اوچيءَ ۽ هيٺينءَ کان هيٺينءَ بلنديءَ تي پهچي ٿو. درحقيقت، وچ سياريءَ جي ناتال واريءَ تقريب جي باري ۾ اسان کي ڪنهن به قياس آرائيءَ ڪرڻ جي گنجائش ڪانه ڇڏي ويئي آهي، اسان کي قديم زماني جي ماڻهن جي واضح شهادت مان معلوم آهي ته اها ڪليسا طرفان سڄ جي جنم جي قديم بت پرستانه تقريب جي جاءِ والارڻ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي، جنهن لاءِ بظاهر اهو خيال ڪيو ويندو هو ته اهو سال جي نديءَ کان نديءَ ڏينهن تي دوباره جنم وٺندو هو، جنهن کان پوءِ ان جي روشنائيءَ ۽ گرميءَ کي وڌندو ڏسو ويندو هو، جي آخر وچي وچ اونهاري واري ڏينهن تي پنهنجي مڪمل اوج کي رسندو هيون. چنانچه، هيئن سمجهڻ ڪو فضول آنومان ڪونهي ته "يول" بند، جو ناتال جي مقبول عام تقريب ۾ اهڙو نمايان ڪردار ادا ڪندو هو، وچ سياري جي ٽڪل ۽ ماندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ کي سندس ظاهري طرح گل ٽيندڙ روشنائيءَ جي دوباره ٻارڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو ويو هو.

نہ فقط ڪن تقريبن جي تاريخ، پر سندن ملهائڻ جي طريقي مان پڻ، سچ جي ديده و دانسته نقل ڪرڻ جي ڪوشش ظاهر ٿي رهي آهي. هرندڙ ڏيٽي کي ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان گسڪائي هيٺ موڪلڻ جي رسم کي، جا گهڻو ڪري اهڙين تقريبن وقت ادا ڪئي ويندي آهي، بلڪل سولائيءَ سان آسمان ۾ سچ جي گردش جو نقل سمجهي سگهجي ٿو. ۽ اهو نقل "وچ اونهاري جي ڏينهن" تي خاص طور موزون ٿئي ٿو، جڏهن سچ جي سالياني زوال جي اڃا ابتدا ٿئي ٿي. درحقيقت، جن انهيءَ رسم جو بيان تحرير ڪيو آهي، تن مان ڪن ان جي اهائي معنيٰ ڏني آهي. هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته لکڻي جي چوڏاري ڏاڙ سان پريل ۽ هرندڙ پيپ کي ڦيرائڻ سان سچ جي ظاهري گردش جو جيڪو سانگ رچايو ويندو آهي، سو به ڪو ڪهڙ حقيقت پسندانه ڪونهي. وري ممڪن آهي ته انهن تقريبن تي هوا ۾ هرندڙ ٽالهين کي اڇلائڻ جي عام رسم، جن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڇيو وڄي ٿو ته اهي خاص طرح سچ وانگر ٽاهيون ويندیون هيون، نقال جادوءَ جو هڪ نمونو هجي ۽ پين گهڻين حالتن وانگر، هن ۾ به، جادوءَ جي طاقت نقل يا هم آهنگيءَ ذريعي عمل ۾ ايندڙ سمجهي ويندي هجي. گهربل نتيجي جي نقل ڪرڻ سان اوهين ان کي سچ ۾ پيدا ڪريو ٿا. آسمان ۾ سچ جي گردش جو نقل ڪرڻ سان، اوهين انهيءَ عظيم چراغ کي سندس آسماني سفر ۾ باقاعدگيءَ ۽ تيزيءَ سان گامزن ٿيڻ ۾ مدد ڏيو ٿا. "آسمان جي باهه" جي نالي ۾، جنهن سان وچ اونهاري واريَ باهه ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن سڏي ويندي آهي، زمين ۽ آسمان واريءَ باهم جي درميان قريبي تعلق هڻڻ جو پوشيده رڪيل خيال صاف طور نظر اچي ٿو.

وري، اهڙن موقعن تي جنهن نموني سان باهم ٻاري ويندي هئي، تنهن سلاءِ هن نظريي جي حمايت ۾ دعويٰ ڪئي ويئي آهي ته اها سڄ جي نقل ڪرڻ جي ارادي سان روڪ ڪئي ويندي هئي. هن ڳالهه جو تمام وڏو امڪان آهي، جيڪو ڪن عالمن ڏٺو آهي، ته اڳئين زماني ۾ اهڙين فصلي تقريبن تي هر هنڌ ڪاڻيءَ جي ٽڪرن کي هڪ ٻئي سان گسائي باهم حاصل ڪئي ويندي هئي. ڪن جاين تي اها باهم "مڊسمر" ۽ "ايسٽر" جي ٻنهي تقريبن تي ايڏا تائين ائين ئي حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ هن باري ۾ صاف لفظن ۾ اظهار ڪيو ويو آهي ته اڳئين زماني ۾ اسڪاٽلنڊ ۽ ويلس ۾ اها باه "بيلٽين" جي تقريب وقت انهيءَ ئي طريقي سان حاصل ڪئي ويندي هئي. پر جيڪا ڳالهه هن حقيقت کي ذري گهٽ يقيني بڻائي ٿي ته انهن فصلي تقريبن تي باهم ٻارڻ جو عموماً اهوئي طريقو هوندو هو، سا انهن باهين ۽ ضرورت واريءَ باهم جي درميان مشابهت آهي، جا قريباً هميشه ڪاڻيءَ جي گسائڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڦيٿي جي گردش ذريعي پيدا ڪئي ويندي هئي. هيءَ قياس قابلِ يقين آهي ته انهيءَ مقصد لاءِ جيڪو ڦيٿو استعمال ڪيو ويندو هو، سو سڄ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن باقاعدگيءَ سان بار بار ڦري ايندڙ انهن تقريبن تي اڳئين زماني ۾ اهي باهيون ساڳي ئي طريقي سان ٻاريون ويندي هيون، ته پوءِ اڻ ڪي هن نظريي جي تصديق سمجهڻ گهرجي ته اهي باهيون دراصل سورج - جنتر هيون. حقيقت ۾، جيڪو "ڪوهن" اشارو ڪيو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھن ڳالھ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي ثبوت موجود آھن تہ وچ اونھاري واري ٻاھ اوائل ۾ انھيءَ ئي طريقي سان ٻاري ويندي ھئي. آسان ڏسي چڪا آھيون تہ ھنگاريءَ ۾ سوئرن جا اڪثر ڏنار ھڪ خاص ٻوليءَ ۾ ويڙھيل ڪائيءَ جي ھڪ ڪيلي ۾ ڦيٽي ڦيرائڻ سان "وچ اونھاري جي رات" واري ٻاھ ٻارينڊا آھن ۽ اھي اھڙي طريقي سان ٻاريل ٻاھ جي وچ مان پنھنجن سوئرن کي لنگھائينڊا آھن. سوايا ۾، اوبرميڊلنگين وٽ، "آسمان واري ٻاھ"، جيئن ڪيس عام طرح ڪوئيو ويندو ھو، "سينٽ وٽوس جي ڏينھن" (پنڌرھين جون) تي، ڏامر سان ٽڪيل ۽ ڪڪن سان ويڙھيل گاڏيءَ جي ھڪ اھڙي ڦيٽي کي ٻاھ ڏيڻ سان ٻاري ويندي ھئي، جو ٻارھان فوٽ اوچي ھڪ لکڑي سان گڏيل ھوندو ھو ۽ جنھن جو ھڪ ڇيڙو ڦيٽي جي مرڪزي سوراخ اندر داخل ٽيل ھوندو ھو. اھا ٻاھ جبل جي چوٽيءَ تي ٻاري ويندي ھئي ۽ جيئن ئي ان جا شعلا بلند ٽيندا ھئا، تيئن ئي ماڻھو پنھنجيون اکيون آسمان طرف ڪري، ڪي مقرر ٽيل اشارا ۽ لفظ وات سان ادا ڪندا ھئا. ھن حالت ۾ ڦيٽي کي لکڑي ۾ ڪوڑڻ ۽ ڪيس ٻاھ ڏيڻ مان ھيءَ ڳالھ معلوم ٿئي ٿي تہ اوائل ۾، ضرورت واريءَ ٻاھ وانگر، ھيءَ ٻاھ ٻڙ ڦيٽي جي گردش ذريعي پيدا ڪئي ويندي ھئي. جنھن ڏينھن تي اھا رسم ادا ڪئي ويندي آھي، سو (پنڌرھين جون) وچ اونھاري جي تقريب وارو ڏينھن ھوندو آھي. آسان ڏٺو آھي تہ "ميشورن" وٽ، شاھ بلوط جي ھڪ ڪيلي جي چوگرد ھڪ ڦيٽي کي تمام گھٽيءَ تيزيءَ سان ڦيرائڻ ذريعي نئين ٻاھ سچ پچ "وچ اونھاري واري ڏينھن" تي ٻاري ويندي آھي يا ٻاري ويندي ھئي، حالانڪ، اھو صاف طور ڪوٺ چيو ويو آھي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل نئينءَ ٻاه کي وڌي سچ ٻارڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو هو. بهر حال، اسان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ممڪن آهي ته اهڙين سڀني حالتن ۾ ڦيٽي جو استعمال، رڳوَ ۽ اضافي آڻڻ ذريعي ٻاه ٻارڻ جي ڪر ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ لاءِ محض هڪ مشيني ترڪيب هجي، اهو ڪو ضروري ناهي ته ڦيٽي سان هروپرو ڪا علامتي اهميت وابسته هئي.

انهيءَ کان سواءِ، اسين اُنهيءَ آثر کي، جيڪو عام اعتقاد موجب اهڙيون فصلي يا دائمي پرندڙ ٻاهيون آب و هوا ۽ نباتات تي وجهنديون آهن، هن نظريي جي حمايت ۾ پيش ڪري سگهون ٿا ته آهي سورج - جنتر آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ڏانهن جيڪي اثر منسوب ڪيا ويندا آهن، سي سڄ جي روزنائيءَ جي اثرن سان مشابهت رکن ٿا. چنانچ، فرينچ قوم جو هيءَ اعتقاد، ته مينهوگيءَ واري جون جي مهيني ۾ ٻاه جي وچ اونهاري وارن سڄن ٻارڻ سان وسندڙ مينهن کي بند ڪري سگهبو، هن ڳالهه کي تسليم ڪندو نظر اچي ٿو ته ٻاهر جا اهي سڄ ڪارن ڪڪرن کي منتشر ڪري سگهندا ۽ آهي اهڙن ڪارن ڪڪرن کي چيري ڦاڙي، سڄ کي پنهنجيءَ پوريءَ چمڪ دَمڪ ۽ شان و شوڪت سان ڪڪرن جي ڇڏي مان ٻاهر ڪڍي سگهندا، جو آليءَ زمين ۽ ٽيندڙ وڻن کي خشڪ ڪري ڇڏيندو. ساڳيءَ طرح، سئزرلنڊ جي ٻارن طرفان ڪوهيڙي وارن ڏينهن تي ڏنڊ کي صاف ڪرڻ لاءِ "ضرورت واريءَ ٻاه" جي استعمال جو مفهوم به بلڪل فطرتي طرح هڪ سورج - جنتر جي صورت ۾ ڏني سگهجي ٿو. ووسجز نجبلن ۾ ماٿهو سمجهندا آهن ته وچ اونهاري جون ٻاهيون زمين جي ميون کي محفوظ رکڻ ۽ پلن فصلن جي خاطري ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مدد ڏين ٿيون. سئيڊن ۾ ايندڙ موسم جي گرميءَ يا سرديءَ جو انداز و "مئي - ڊي" تي هرندڙ هاه جي شعلن جي رخ مان ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهي ڏکڻ طرف هرندا، تہ گرمي ٿيندي ۽ اتر طرف هرندا، تہ سردي ٿيندي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ موجوده وقت ۾ شعلن جي رخ کي فقط آب و هوا جي پيشنگوئيءَ ۽ ان کي متاثر ڪرڻ جو هڪ طريقو سمجهيو وڃي ٿو. پر اسان کي هيءَ خاطري ڪرڻ گهرجي تہ هيءَ انهن حالتن مان هڪ آهي، جنهن ۾ جادو پنهنجيءَ بلند منزل کان هيٺ ڪري، نقطا ڪچيءَ جي نيچ درجي تي اچي پهتو آهي. ساڳيءَ طرح ايفل جبلن ۾، جڏهن دونهون اناج جي بنين طرف ويندو آهي، تڏهن اهو هن ڳالهہ جو نيڪ شگون هوندو آهي تہ انهيءَ سال لاءِ پرپور لهندو. پر معلوم ٿئي ٿو تہ اڄا بہ زياده قديم نظريو، نہ فقط هيءَ هوندو تہ دونهون ۽ شعلا پيشينگوئي ڪن ٿا، پر اهي درحقيقت، پلي فصل جون علامتون پڻ آهن. چاڪاڻ تہ باهم جي شعلي جي گرمي اناج مٿان اهوئي ڪر ڪندي هئي، جو سج جي گرمي ڪندي هئي. ممڪن آهي تہ آئيل آف مئن جا ماڻهو انهيءَ سبب ڪري ئي پنهنجين بنين طرف ايندڙ هوا جي رخ ۾ باهيون هاريندا هجن، تہ جئين انهن جو دونهون سندن بنين مٿان لنگهي وڃي. ساڳيءَ طرح ڏکڻ آفريڪا ۾، اپريل مهيني جي قريب اڇ وقت، "سينابيلس" قبيلي جا ماڻهو پنهنجن باغن طرف ايندڙ هوا جي رخ ۾ وڏيون باهيون هاريندا آهن، جو "سندن نظريو هيءَ آهي تہ دونهون فصلن مٿان لنگهي، سندن آنَ جي پڇ ۾ مدد ڏيندو." زولوقبيلي وارن ۾ بہ، باغ ڏانهن ايندڙ هوا طرف هرندڙ باهم ۾ هن خيال کان دوا ساڙي ويندي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ان جي نتيجي ۾ ٻوٽن کي جيڪو دونهين جو واس ملندو، سو کين بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏيندو. وري، اسان جي يورپي کاشتڪارن جو هيءَ نظريو، تہ اناج اوتري قدر سٺو نڪرندو، جيتري قدر دور تائين باهه جي ڇڻ جو شعلو نظر ايندو، باهه جي ڇڻ ۾ تيزيءَ آڻڻ ۽ آباد ڪرڻ جي قوتن ۾ اعتقاد هڻڻ جو باقي بچيل يادگار تصور ڪرڻ گهرجي. هيءَ به دليل ڏيئي سگهجي ٿو تہ اهو ساڳيوئي اعتقاد، هن نظريي ۾ وري به اڇي منهن ڪيڏي ٿو تہ جيڪڏهن باهه جي ڇڻ مان اڏورين سڙيل ڪاليون ڪيڏي ٻنين ۾ ڪوڙيون ويندين، تہ اهي فصلن کي طاقتور ڪنديون ۽ اهوئي نظريو هنن رسمن ۾ پوشيده رکيل معلوم ٿئي ٿو تہ فلئڪس جو ٻج انهيءَ رخ ۾ پوکڻ گهرجي، جنهن ۾ باهه جي ڇڻ جا شعلا پرن، ٻج پوکڻ وقت ٻج واري اناج ۾ باهه جي ڇڻ جي رک ملائڻ گهرجي، ٻنين کي آباد ۽ سائي ڪرڻ لاءِ باهه جي اهڙن ڇڻن جي رک کي انهن ۾ ڦهلائڻ گهرجي ۽ ڇڻ کي جلد ڦٽي نڪرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ هر ۾ "يول" بند جو هڪ ٽڪر لڳائڻ گهرجي. صاف ظاهر آهي تہ هيءَ خيال ڏاڍ ساڳئي طبقي جي نظرين سان وابستہ آهي تہ فلئڪس جو ٻوٽو اوتريقدر اوچو نڪرندو، جيتري قدر باهه جا شعلا بلند ٿيندا يا ماٺهو شعلن مٿان جيتري قدر ڊگها ٽپ ڏيندا. وري، موسيل درياه جي ڪنارن تي، ڪونز وڻ، جيڪڏهن ٻرندڙ ڦيڙو، جنهن کي ٽڪريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ گسڪايو ويندو هو، وسامڻ کان سواءِ ئي درياه جي پاڻيءَ ۾ وڃي ڪرندو هو، تہ اُن جو هِن ڪالهہ جي ثابتيءَ طور خير مقدم ڪيو ويندو هو تہ ان سال انگور تمام گهٽ لهندو. ماٺهن جي دلين ۾ اهو اعتقاد ايتريقدر پختو ويڙل هو، جو انهيءَ رسم جي ڪامياب ادائگي، ڳولائن کي پر وارن انگور جي سَنهَن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالڪن کان هڪ قسم جي محصول اڳاڙڻ جو حق ڏيندي هئي. هن حالت ۾ اڻ وسامیل ڦيٽي کي ڪرن جي پڙدي کان آزاد ٿيل سڄ سمجهڻ گهرجي، جو پنهنجي ليکي انگورجي پرپور فصل جي نشان دهي ڪري ٿو. ان ڪري اڇي شراب سان پريل گاڏيءَ کي، جيڪو ڪوئاٽا انگور جي آس پاس وارن سٽهن جي مالڪن کان حاصل ڪندا هئا، سڄ جي آنهيءَ روشنائيءَ جي قيمت سمجهڻ گهرجي، جا انهن انگورجي پرپور فصل واسطي ڪانٽن وصول ٿي ڪئي. ساڳيءَ طرح، گلئمورگن جي ماڻريءَ ۾ "وچ اونهاري واري ڏينهن" جي برندڙ ڦيٽي کي ٽکريءَ جي لاهيءَ تان گسڪائي هيٺ سوڪليو ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڦيٽي جي هيٺ پهچڻ کان اڳ باهه وسامي ويندي هئي، تہ ماٺهن کي خراب فصل جو انديشو رهندو هو، پر ان جي برعڪس، جيڪڏهن ٽکريءَ جي لاهيءَ تان هيٺ ويندي، اهو ڦيٽو سڄو وقت برندو رهندو هو ۽ هيٺ پهچڻ کان پوءِ به گهٽيءَ دير تائين روشن رهندو هو، تہ ان صورت ۾ ماٺهو انهيءَ اونهاري ۾ تمام جهجهي فصل جي توقع رکندا هئا. هتي وري ٻ، هيءَ قياس آرائي بلڪل فطرتي معلوم ٿئي ٿي تہ ديهاتي دماغ ڦيٽي ۽ سڄ جي باهه جي درميان، جنهن تي فصلن جو دارومدار رهي ٿو، بلڪل قريبي تعلق سمجهندو هو.

پر عام اعتقاد مطابق، باهه جي مچن جو تيزي ڏيندڙ ۽ آبادي بخشيندڙ اثر فقط نباتاتي دنيا تائين محدود نہ ٿو رهي، اهو اثر حيواني دنيا سان پڻ لاڳو رهي ٿو. اها ڳالهہ آئرلنڊ جي ماٺهن طرفان ڪانگهارن ڏورن کي وچ اونهاري جي باهين وچان لنگهائڻ، فرينچن طرفان پاٽيءَ ۾ ٻڌل "يول" بند کي ڳٽن کي قردار ڪرڻ ۾ مدد ڏيندڙ سمجهڻ، فرينچن ۽ سربيا جي ماٺهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان هن خيال ڪرڻ ۾ آن، ته ڪين اوتراڻي چوڻا، گاها، رڍن جا قر ۽ چيلا ملندا، جيتريون "ٻول" بند ۾ ان چٽگون نڪرنديون، ڪڪڑين کان زياده آنن لهرائڻ لاءِ سندن آکيرن ۾ "ٻول" بند جي رک وجهڻ جي رسم ۾ ان ۽ ڏورن کي ٽُلهن، متارن ڪرڻ لاءِ سندن پيٺ واري پاڻيءَ ۾ باهه جي مچن واريءَ رک ملائڻ جي جرمن رسم ۾، صاف طور ظاهر ٿي رهي آهي. ان کان سواءِ، هن باري ۾ ٻڌ صاف اشارا موجود آهن ته خود انساني نسل جي آبادي باهين جي خوشگوار ۽ مفيد گرميءَ ذريعي وڌي ۽ ويجهي ٿي. موراکو جي ماڻهن جو خيال آهي ته بي اولاد جوڙا وچ اونهاري جي باهين جي مچن مٿان ٽپا ڏيئي، صاحب اولاد ٿي سگهن ٿا. آئرلنڊ جي ماڻهن جو اعتقاد آهي ته جيڪا چوڪري وچ اونهاري واريءَ باهه جي مچ مٿان ٽي دفعا ٽپ ڏيندي، سا جلد ئي شادي ڪندي ۽ ڪيس گهٽو اولاد ٿيندو. فلٽنڊرس جون زالون آسانيءَ سان ويڑ جي خاطري ڪرڻ لاءِ وچ اونهاري وارين باهين مٿان ٽپ ڏيندڙيون آهن. فرانس جي مختلف حصن ۾ ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن ڪا چوڪري باهه جي نون مچن جي چوڌاري نچندي، ته ان جي شادي انهيءَ سال ۾ ٿيندي. ان جي برعڪس، ليڪچرين ۾ ماڻهو چوندا آهن ته جيڪڏهن نوجوان مرد ۽ عورت گڏجي وچ اونهاري واري باهه جي مچ مٿان ٽپ ڏيندا ۽ اهڙي ٽپ ڏيندي جيڪڏهن ڪنهن باهه جو ذرو به سيڪ نه ايندو، ته اها نوجوان عورت ايندڙ پارهن مهينن تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ ڪاڻ ٿيندڙ، جو تہ باهم جي شعلن ان کي ڇهيو ئي ڪونہ. سئزرلنڈ ۽ فرانس جي ڪن حصن ۾ "پول" بنڊ ڪي پارڻ سان گڏ هيءَ دعا ڪئي ويندي آهي تہ شل عورتون حاملہ ٿين، ٻڪريون چيلا ڇٽين ۽ ريڍون بچا ڏين. هيءَ جو ڪن هنڌن تي هن قاعدي تي عمل ڪيو ويندو آهي تہ باهم جو بچ اهڙي ماڻهوءَ کي پارڻ گهرجي، جنهن جي شادي ڪوڪ اندر سيني کان آخر ۾ ٿي هجي، سو به خيالن جي اهڙي ئي طبقي سان وابستہ معلوم ٿئي ٿو، خواه ائين ئي سمجهيو ويندو هجي تہ اهو ماڻهو نسلي افزائش ۾ عورت کي حاملہ ڪرڻ جو اثر باهم وٺان حاصل ڪري ٿو يا هو خود پاڻ اهي خوبيون باهم کي ڏئي ٿو. هيءَ گاله بہ قابل قياس آهي تہ محبت وارن جي هٿ ۾ هٿ ملائي باهين مٿان ٽپڻ جي رواج شايد هن خيال کان جنم ورتو هجي تہ ائين ڪرڻ سبب، سندن شاديءَ جي نتيجي ۾ ڪين جلدئي اولاد نصيب ٿيندو. اهو ئي مقصد هن رسم جو مفهوم بہ سمجهائي سگهندو تہ پرٽيل جوڙن کي مشعلن جي روشنائيءَ ۾ ڇو ناچ ڪرڻو پوندو آهي. ايستونيا جي باشندن ۾ شرابخوريءَ جي زنا جا جيڪي منظر وچ اونهاريواري تقريبن ملهائڻ وقت سندن نمايان حصو نظر ايندا هئا، جهڙيءَ طرح اهي ڪنهن زماني ۾ آسان وٽ "مئي-ڊي" ملهائڻ جو هڪ اهم جز هوندا هئا، سي تقريب ملهائيندڙن جي طرفان محض عام آزاديءَ ماڻڻ جي جذبي وچان وجود ۾ آيا هئا، پر آهي هڪ اهڙي عجيب، بي ڊنگي ۽ اڻ گهڙيل خيال جي پيدائش هئا، جنهن سندن دلين ۾ هيءَ يقين ويهاريو هو تہ اخلاقي معيار کان پست اهڙا ڪم، هڪ اهڙي غيبي ۽ پراسرار تعاق سبب جيڪڏهن ضروري نہ، تہ بہ جائز ضروري هئا، هڪ اهڙو وهم، جو سال جي انهيءَ عظيم موڙ تي انسان جي زندگيءَ کي آسماني گردش جي سلسلي سان وابستہ ڪري ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن تقريبن کي، جن تي اسين غور ڪري رهيا آهيون، باهم جي مڃن پاڻ جي رسم، عام طور ٻنين ۽ باغيچن، چراگاهن ۽ ڏٺن جي چوڏاري ٻريل مشعلون ڪٽي ڦيرن پائڻ جي رسم سان وابستہ ڪيو ويو آهي، ۽ هن باري ۾ شڪ جي ڪا به گنجائش ڪانہ ٿي نظر اچي تہ اهي ٻئي رسمون هڪ ئي مقصد حاصل ڪرڻ جا ٻہ مختلف طريقا آهن، يعني باهم مان آهي فائدا حاصل ڪرڻ، جي عام طرح ان مان باهر نڪرندڙ سمجهيا ويندا آهن، خواه اها باه هڪ هنڌ رکيل هجي، خواه اها هيڏانهن هوڏانهن ڪٽي، ڦيرائڻ جهڙي هجي. چنانچہ، جيڪڏهن اسين باه جي مڃن متعلق شمسي نظريو تسليم ڪريون، تہ پوءِ اسان کي انهيءَ نظريي کي مشعلن سان ٻڌ واپستہ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي بدل سمجهڻ گهرجي، اسان کي اهو فرض ڪرڻو پوندو تہ برندڙ مشعلون ڪٽي ڇوٽ مان گهمڻ يا هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ، سڄ جي روشنائيءَ جي مفيد اثر کي، جنهن جو اهي ڏڙ ڏڙ ڪندڙ مشعلون هڪ ڪمزور نقل آهن، دور دور تائين ڦهلائڻ جو هڪ ذريعو آهي. انهيءَ نظريي جي حق ۾ هيٺن ڇٻي سگهجي ٿو تہ اهي مشعلون ٻنين کي آباد ڪرڻ جي خاص مقصد سان ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ گهمايون ويندیون آهن ۽ ساڳي ٿي مقصد سان باه جي مڃن مان برندڙ ٽاندا ڪڍي، پاري کي روڪڻ لاءِ، ٻنين ۾ رکيا ويندا آهن. نارمنڊيءَ ۾ "ٻارهينءَ رات ڪان هڪ ڏينهن اڳ واريءَ شام" تي مرد، زالون ۽ ٻار برندڙ مشعلن سان ٻنين ۽ ميوي وارن ٻاغن مان بي تحاشا ڊوڙندا وتندا آهن، جن کي اهي وٽن جي ٽارين وچان لوڏائيندا ڦرندا آهن ۽ وٽن جي ٽڙن کي ڏڪ هڻندا آهن. تہ جيئن سينور سڙي وڃي ۽ ٻنين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽا ۽ پيا ضرر رسان جانور پڄي وڃن. "انهن جو اعتقاد آهي ته اها رسم جيتن جي واڌاري کي روڪي، جن جي تعداد ۾ اضافو هڪ حقيقي مصيبت ثابت ٿيندو ۽ وڻ ٽڻ، ٻنين ۽ جانورن کي سائي ۽ قردار ڪرڻ جو ٻڏو مقصد پورو ڪري ٿي".

سنڌن هيءَ ۾ اعتقاد آهي ته انهيءَ رسم کي جيترو ڏکهو ڪيو ويندو، اوتري قدر سيوي جو فصل ايندڙ سرءَ ۾ گهٽو ٿيندو. بوهيميا جا ماڻهو چونڊا آهن ته سنڌن اناج جا ٻوٽا اوتري قدر اوچا ٿيندا، جيتري قدر مٽي اهي هرندڙ ٻوهارا هوا ۾ اڇلائيندا. نه وري کي اهڙا خيال فقط يورپ تائين محدود آهن. ڪوريا ۾، "ٽئين سال جي تقريب کان ڪجهه ڏينهن اڳ، محلات جا خواجه سرا هرندڙ مشعلون هوا ۾ ڦيرائيندا آهن ۽ انهيءَ دوران ۾ ڪجهه منتر آلاپيندا آهن. اهڙيءَ طرح سمجهيو ويندو آهي ته ايندڙ سال لاءِ پرپور فصل جي خاطري ٿيندي. هرندڙ ڦيٽي کي ڦيرائڻ جي رسم ۾، جا ٻنين کي آباد ڪرڻ جي خاص مقصد سان "ٻوئيٽو" ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، ساڳيو ئي نظريو زياده صاف نموني ۾ سمايل سمجهڻ گهرجي، جيئن ته انهيءَ نموني ۾ خود نقلي سج کي، ۽ نه مشعلن جي ذريعي سڄ جي نمائنده روشنيءَ ۽ گرميءَ کي، سڄ پڄ ڏرتيءَ تي ڦيرايو وڃي ٿو، جنهن کي ان جو تيزي پيدا ڪندڙ ۽ مشفق اثر پاڻ لاءِ حاصل ڪرڻو آهي. وري، هرندڙ مشعلن کي چوپاين ڏورن جي چوڌاري ڪٽي گهمڻ جي رسم بلڪل صاف طرح کين باه جي سڄ سان لنگهائڻ جي رسم جي مترادف آهي، ۽ جيڪڏهن باهه جو سڄ سورج - جنتر آهي، ته مشعلون به ائين ئي هونديون.

۳- باهه جي تقريبن جو پاڪائيءَ وارو نظريو: هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت تائين انسان انهن گالهين کي زير غور آندو آهي، جيڪي هن نظريي متعلق ٿي سگهن ٿيون ته دوربيي قومن جي ياه وارين تقريبن تي باهم ڪي ماڻهوءَ ۽ پيرون آن ۽ ميوي واسطي سچ جي روشنائيءَ جي گهٽي مقدار حاصل ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ جادوءَ جي ٽوٽي طور ڀاريو ويندو آهي. هاڻي انسان کي هيءَ گالهه زير غور آڻڻي آهي ته انهيءَ نظريي خلاف ۽ هن خيال جي حق ۾ ڇا ٿو چئي سگهجي ته هنن رسمن ۾ باهم کي هڪ تخليقي وسيلو نه پر هڪ صاف ڪندڙ ذريعي جي حيثيت ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جا ماڻهن، جانورن ۽ ٻوٽن کي سندن نقصانڪار جزن کي ساڙڻ ۽ ختم ڪرڻ ذريعي پاڪ ۽ صاف ڪري ٿي، خواه اهي عناصر مادي آهن يا روحاني. جي سيني چاندار شين جي بقا ۽ وجود کي مرض ۽ موت جي ڊپ ۾ رکن ٿا.

چنانچه سڀ کان اول هيءَ گالهه قابل غور آهي ته جيڪي ماڻهو باهم جون تقريبون ملهائين ٿا سي معلوم ٿئي ٿو ته انهن جي سمجهائيءَ طور ڪڏهن به شمسي نظريو پيش نه ٿا ڪن، پر ان جي برعڪس اهي عام طرح ۽ زوردار نموني ۽ پاڪائيءَ وارو نظريو پيش ڪندا آهن. اهو پاڪائيءَ واري نظريي جي حق ۾ ۽ شمسي نظريي جي خلاف هڪ زبردست دليل آهي، چاڪاڻ ته هڪ عوامي رسم جي عام سمجهائيءَ کي ڪنهن گنهيرسبب کان سواءِ مسترد نه ڪرڻ گهرجي. موجوده حالت ۾ ان کي رد ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب موجود ڪونهي. باهم جو ناس ڪندڙ ذريعي جي حيثيت هڪ وارو نظريو جنهن سان برين شين کي ساڙي ۽ ناس ڪري ان کي مفيد ۽ ڪارآمد بڻائي سگهجي ٿو، ايترو قدر ته ساڻو ۽ نمايان آهي جو اهو خود آنهن ساده لوح دهقانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دماغ کان باھر نہ رهي سگھيو هوندو، جن وٽ اهڙين تقريبن جو بنياد پيو هو. ٻئي طرف، باھ کي سڄ مان تڪنڊل هڪ حصي يا ڪم از ڪم ان سان طبعي هم آهنگيءَ ذريعي ڳنڍيل سمجھڻ وارو نظريو، ان کان گھٽو گھٽ سادو ۽ نمايان آهي، ۽ جيتوڻيڪ سڄ جي روشنائيءَ پيدا ڪرڻ لاءِ جادوءَ جي ٽوٽي جي حيثيت ۾ باھ جو استعمال ناقابل ترديد معلوم ٿئي ٿو، ان جي باوجود مقبول عام رسمن جي سمجھائي فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ اسان کي ڪڏهن به زياده دشوار ۽ غيرمعمولي نظريي کان ڪم وٺڻ نہ گھرجي، جڏهن ان کان زياده سهل نظريو دستياب ٿي سگھي ۽ ان کي خود انهن ماڻهن جي خصوصي شهادت ذريعي جنهن جا اصل ٿئي، باھ جي تقريبن جي حالت ۾ باھ جي ناس ڪرڻ واريءَ خاصيت جو رخ اهڙو آهي، جنهن تي ماڻهو بار بار طويل بحث ۽ غور ڪندا آهن، ۽ هيءَ ڳالھ انتهائي اهميت واري آهي ته جنهن عظيم برائيءَ جي خلاف باھ کان ڪم ورتو وڃي ٿو، سا آهي جادو. ۽ ان سان واسطو رکندڙ ٽوٽا، ڦٽا ۽ جنتر منتر. ورڻي واري اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته اهي باغيون ڏانڻين کي ساڙڻ يا دور رکڻ لاءِ هاريون ويندیون آهن، ۽ انهيءَ مقصد جو ڪڏهن ڪڏهن نهايت حقيقت پسندانہ اظهار باھ جي سڄ ۾ ڏانڻ جي مجسمي کي ساڙڻ سان ڪيو ويندو آهي. چنانچہ، جڏهن اسين انهيءَ سخت گرفت کي ياد ڪريون ٿا، جنهن ۾ جادوءَ جي خوف ۽ ڏهڪاءَ سڀني دورن ۾ عام ديوريءَ باشندن جي ذهنن کي رکيو آهي، تڏهن اسان کي هيءَ گمان ٿئي ٿو ته باھ جي انهن سڀني تقريبن جو بنياد ي مقصد ڏانڻين کي ناس ڪرڻ يا ڪم از ڪم کانئن نجات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪرڻ جو هو، جن کي ذري ڪهت انهن سيني مصيتن ۽ شامتن جو اصل سبب سمجهيو ويندو هو، جي ماڻهن، چوپاين جانورن ۽ سندن فصلن تي نازل ٿيندڙ رهنديون آهن.

اسان جي انهيءَ شڪ جي تصديق ان وقت ٿئي ٿي، جڏهن اسين انهن براين تي غور ڪريون ٿا، جن جي علاج سهيا ڪرڻ لاءِ ماهين جا سچ ۽ شعلون روشن ڪيون ويندڙ هيون. انهن براين ۾، اسان کي ٻين سيني کان اول، چوپاين جانورن جي بيمارين کي شمار ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن سيني براين مان، جن کي ڏانڪڻين جي ڪارستاني سمجهيو ويندو آهي، هيءَ ڪنهن تي ۾ شايد ايتريقدر زور ڪونہ ڏنو ويندو آهي، جيتريقدر انهيءَ ضرر تي، جيڪو اهي ڏورن جي ڏڻ کي رسائيندڙ آهن، خصوصاً انهيءَ کي، جيڪو اهي ڳڻ جي ڪيرچورائڻ ذريعي پهچائيندڙ آهن. هاڻي، هيءَ ڳالهہ خاص طور قابل غور آهي تہ ضرورت واري باهہ، جنهن کي باهہ جي سيني تقريبن جي ماڻ سمجهڻ گهرجي، ٻين سيني ڳالهين کان علاوہ، چوپائي مال جي بيمارين جي خلاف ڪ ڪ علاج هڻڻ طور ياري ويندي آهي، انهيءَ ڳالهہ مان هيءُ نتيجو نڪري ٿو، جو عام دليلن جي بنياد تي امڪان جي حد اندر نظر اچي ٿو، تہ ضرورت واريءَ باهہ ۾ ڪ جو رواج اهڙي زماني کان وڃي پيل آهي، جڏهن يورپي قومن جا ابا ۽ ڏاڏا زياده تر پنهنجن ڏڻ جي پيداوار تي وقت بسر ڪندا هئا ۽ زراعت ايڏا تائين سندن زندگيءَ ۾ ثانوي ۽ تحتي ڪردار ادا ڪندي هئي. ڏائڻيون ۽ بگهڙ اهي ۾ وڏا دشمن آهن، جن کان يورپ جي مختلف حصن ۾ هڪ ريڍار ايڏا تائين سخت ڊجندو آهي. هن باري ۾ اسان کي ڪو به تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ هو انهن پنهي شامتن کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ باهہ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھڪ زبردست ذريعو سمجهي، ان کان ڪم ونڊي ٿو. سڀئي نسل وارين قومن ۾، معلوم ٿئي ٿو ته اهي دشمن، جن سان ضرورت واريءَ باھ ذريعي مقابلي ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي، هروپرو زنده ڏانڻيون ڪونہ هوندیون آهن، پر زياده تر حالتن ۾ اهي مئل ماڻهو هوندا آهن، جي زنده ٿي قبرن مان اٿندا ۽ چيڙن ماڻهن ۽ حيوانن جو رت چوسيندا آهن ۽ پوت ٿي پوندا آهن. انهيءَ رسم جو مقصد انهن نقصانڪار هستين کي باھ جي شعلن ۾ ساڙي ناس ڪرڻ جو نہ، پر کين باھ کان ڊيڄائي، بچائڻ جو هوندو آهي. پر اسان جي موجوده مقصد لاءِ اهي امتياز ڪا خاص وقعت نہ ٿا رکن. سڀ کان زياده اهم ۽ قابل توجہ ڳالهہ هيءَ آهي ته سڀئي نسل وارين قومن ۾ ضرورت واري باھ، جا شايد انهن سڀني رسمي باھين کان زياده اوائلي ۽ قديم ترين آهي، جي هن وقت زير غور آهن، سورج - جنتر ڪائہ آهي، پر صاف طرح ۽ پڪ ٿي پئي ماڻهوءَ ۽ مرونءَ کي نقصانڪار جاندارن جي حملن کان بچائڻ جي ذريعي هئڻ کان علاوه ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، جن کي هڪ ڪاشتڪار باھ جي گرميءَ ذريعي بلڪل اهڙيءَ طرح ساڙڻ يا ڊيڄارڻ جو خيال ڪري ٿو، جهڙيءَ طرح هو جيڪڙ وحشي درندن کي ساڙي يا ڊيڄائي.

وري، هيئن بہ گهٽو ڪري سمجهيو ويندو آهي ته باھ جا سچ پچ ئين کي ڪڙي ۽ گهر جي جاءِ کي ڪجڪوڙ ۽ وڃ کان محفوظ رکندا آهن، پر گهٽو ڪري ائين سمجهيو ويندو آهي ته ڪڙو ۽ ڪجڪوڙ وارا طوفان خود ڏانڻين جي ڪارستاني هوندا آهن. چنانچہ، جيڪا باھ ڏانڻين کي دور رکي ٿي، سا لازمي طور ساڳي ٿي وقت ڪڙي، ڪجڪوڙ ۽ وڃ جي خلاف بہ هڪ طلسم جو ڪم ڪري ٿي. ان کان علاوه، باھ جي مڃن مان بچيل اڳر گهٽو ڪري گهرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ٻاھ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ جاين ۾ رکيا ويندا آھن، ۽ جيتوڻيڪ
ائين شايد ھر آھنگ جادوءَ جي اصول تي ڪيو ويندو آھي، يعني
ھڪ ٻاھ کي ٻيءَ ٻاھ جي اثر کي زائل ڪندڙ سمجھيو ويندو
آھي، ان جي باوجود، ان جو مقصد شايد ٻاھ لڳائڻ وارن جادوءَ
جي ٽوڻن جي اثر کي زائل ڪرڻ جو ھجي. ڪوري، ماٹھو پيٽ جي
سور کان بچڻ لاءِ ٻاھ جي منتر مٿان بطور حفظ ماتقدم ٽپ ڏيندا
آھن ۽ پنھنجين اکين جي نظر کي قائم رکڻ لاءِ ٻاھ جي شعلن
کي يڪ ٽڪ گھوريندا رھندا آھن ۽ پيٽ جي سور ۽
ائيل اکين، ٻنھي کي جرمنيءَ جي اندر ڈانٽين جي ڪارڪردگي
سمجھيو ويندو آھي. وري ٻ، ڇ اونھاري جي ٻاھين مٿان ٽپڻ يا
سندن چوڌاري ڦيرين پائڻ لاءِ ائين سمجھيو ويندو آھي تہ اھي
لاباري لڻ وقت، ماٹھوءَ کي ٻڌيءَ ۾ سور، محسوس ڪرڻ کان
بچائيندا، جرمنيءَ ۾ اھڙن سورن کي "ڈانٽين جا ڏڪ" چوندا آھن
۽ انھن کي جادوءَ جي اثر ڈانھن منسوب ڪيو ويندو آھي.

پر، جيڪڏھن، ٻاھ وارين تقريبن تي ھرندڙ ٻاھين جا ٽڪرا ۽
مشعلون اھڙا ھٿيار سمجھيا وڃن ٿا، جي بنيادي طور ڈانٽين ۽
جادوگرن جي شر کي زائل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا،
تہ پوءِ ھيءَ ڳالھ امکان جي حد اندر معلوم ٿئي ٿي تہ اھا
ٿي سمجھائي نہ فقط انھن ھرندڙ ٽالھين سان وابستہ ڪري سگھجي
ٿي، جي ھوا ۾ اڇلايون ويندڙ آھن، پر اھا انھن ھرندڙ ڦيٽن سان
ٻڌ لاڳو ڪري سگھجي ٿي، جن کي انھن موقعن تي ٽڪرين
جي لاھين تان گسڪائي ھيٺ ميدانن طرف موڪليو ويندو آھي.
ٽالھين ۽ ڦيٽن جو مقصد، ھڪ ئي نموني سان انھن ڈانٽين
کي ساڙڻ جو معلوم ٿئي ٿو، جي درپرده ھوا ۾ قرندڙ ون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙندڙن رهندڙن آهن، يا جن جو ڌنين، باغيچن ۽ ٽڪرين جي لاهين تي واقع انگور جي ٽٽن ۾ واسو سمجهيو ويندو آهي. هيءَ ڳالهه ته يقيني آهي ته ڏانڻين کي ڍوهارن جي دستن وارين لئين يا ٻين اهڙن ئي آسان وسيلن تي سوار ٿيل، هوا ۾ اڏامندو سمجهيو ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهي درحقيقت ائين ئي ڪندڙون آهن، ته ان صورت ۾ انهن تائين هن کان زياده اثرائتي ٻئي ڪهڙي طريقي سان پهچي سگهيو. جهڙوڪ پرندڙ ٽالهيون، مشعلون، يا پرندڙ ڍوهارا، جن کي ان وقت زور سان هوا ۾ مٿي اڇلايو ويندو آهي، جڏهن آهي اونداهيءَ رات جو آزاديءَ سان مٿي هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏامندڙون ڦرندڙون آهن؟ ڏکڻ سلووني قومن جا ڪڙمي سمجهندا آهن ته ڏانڻيون اونده ۾ ڪڙي وارن ڪڪرن تي سواري ڪندڙون آهن، ان ڪري هو انهن ڏانڻين کي هيٺ آڻڻ لاءِ ڪڪرن تي فٽر ڪندا آهن ۽ هيٺن چوندا آهن، "لعنت، لعنت هيرو ڊياس، ماٿهين ڪافرياڻي آهي، خدا جي طرفان مٿس لعنت پيل آهي ۽ 'نجات ڏيارينڊڙ' جي خون ذريعي اها زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي." ان کان سواءِ هو پرندڙ ٽانڊن جو هڪ برتن ٻاهر ڪڍي ايندا آهن، جنهن ۾ انهن دونهين ڪرڻ لاءِ پاڪ تيل، سدا - سائي ٻوٽي جا پن ۽ ڪوڙي ڪاڻي وڌي هوندي آهي. هو سمجهندا آهن ته اهو دونهون مٿي ڪرن ۾ چڙهي، ڏانڻين کي بيهوش ڪندو آهي، جنهن ڪري اهي هيٺ ڏرتيءَ تي اچي ٽڪاءَ ڪندڙون آهن. هن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ته اهي آهستي هيٺ نه ڪرن، پر تمام سخت ڏڪ ڪائين، دهقاني تمام گهٽيءَ عجلت سان هڪ ڪرسي ٻاهر ڪڍي ايندا آهن ۽ ان کي آڏ ڏيئي، اوندو ڪري رکندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جيتر جيئن هيٺ ڪرڻ وقت ڏاڍائي جون ٽنگون ڪرسيءَ جي ٽنگن کي لڳي، پڄي پون. ان کان به اڳ زياده برو ڪم اهي هيءَ ڪندا آهن، جو اهي انتهائي سنگدليءَ سان ڏانڊا، ونگوڙي وارا سوئا ۽ پيا اهڙا سخت هٿيار تيز ڌار واري طرف سڌا ڪري رکي چڏيندا آهن، تہ جيئن جڏهن به اهي بدبخت ڏانڊيون ڪرن ته ان سڌيون هيٺ ڪرن، تڏهن سندن جسم ويڄي ۽ ڇڇرجي وڃن.

انهيءَ نظريي جي بنياد تي، باهم جي سچن، مشعلن، ٽالهين، ڦرندڙ ڦيٽن وغيره جي صورت ۾ باه جي استعمال پٺيان جيڪا آباديءَ جي قوت ايندڙ سمجهي ويندي آهي، سا سڌيءَ طرح انهيءَ شمسي تپش جي نتيجي ۾ ايندڙ نہ سمجهي ويندي آهي، جنهن کي باهم جادوءَ جي طاقت سان پيدا ڪيو هوندو آهي، اهو محض هڪ اڻ سڌو نتيجو آهي، جو جانورن ۽ پوڻن جي نسلي پيداوار جي قوت کي جادوءَ جي موتمار رڪاوٽ کان آزاد ڪرڻ سبب حاصل ڪيو ويو هوندو آهي. جيڪي ڪجهہ پوڻن ۽ جانورن جي نسلي افزائش متعلق سچ آهي، سو ئي انساني جنسن جي آباديءَ لاءِ ۾ حقيقت جو درجو رکي سگهي ٿو. باه جي سچن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ اهي شاديءَ ۾ سهوليت ۽ آساني پيدا ڪندا آهن ۽ بي اولاد جوڙن لاءِ اولاد جهڙي نعمت حاصل ڪندا آهن. اهو ڪو ضروري ناهي تہ اهو دل کي خوش ڪندڙ اثر باهم اندر موجود رهندڙ تيزي بخشيندڙ يا آباد ڪندڙ ڪنهن قوت مان سڌيءَ طرح نڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو اثر انهن رڪاوٽن کي دور ڪندڙ آتشي قوت مان اڻ سڌيءَ طرح نڪري ٿو، جنهن کي ڏانڊين ۽ جادوگرن جا ٽوٽا، ڦيٽا ۽ جنتر، منتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد ۽ عورت جي ميلاپ ۽ وصل جي راه ۾ حائل ڪرڻ لاءِ بدنام آهن.

چنانچہ، انهن سيني ڳالهين کي زير غور آڻڻ کان پوءِ، رسمي باهين جي پاڪائيءَ جي خاصيت وارو نظريو، سندن سچ سان تعلق هڻڻ واري متضاد نظريي کان زياده امڪاني ۽ ثابتين ۽ شهادتن جي زياده مطابق نظر اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوهٿون

باهين ۾ ماڻهن کي ساڙڻ

۱- **باهين ۾ مجسمن کي ساڙڻ:** اسان کي هڪ هيءَ سوال اڃا ب دريافت ڪرڻو آهي ته انهن تقريبن تي باهين ۾ مجسمن کي ساڙڻ جي ڇا معنيٰ آهي؟ گذريل تفتيش کان پوءِ انهيءَ سوال جو جواب بلڪل واضح آهي. جئين ته انهن باهين لاءِ عام طرح دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته اهي خاص طور ڊائنٽين کي ساڙڻ لاءِ ٻاريون ويندیون آهن ۽ جيئن ته انهن ۾ جيڪو مجسمو ساڙيو ويندو آهي، تنهن کي ڪڏهن ڪڏهن "ڊائنٽ" سڏيو ويندو آهي، ان ڪري اسين هن فيصلي تي پهچڻ لاءِ آماده ٿي سگهون ٿا، ته انهن موقعن تي جيڪي ب مجسما باهه جي شعلن ۾ ساڙيا وڃن ٿا، سي سڀ ڊائنٽين يا جادوگرن جا نمائندا هوندا آهن ۽ انهن کي ساڙڻ جي رسم، خود انهن بدڪردار عورتن ۽ مردن کي ساڙڻ جي محض هڪ نعم‌البدل رسم آهي، چاڪاڻ ته هم آهنگ يا نقال جادوءَ جي اصول مطابق، اوهين ڊائنٽ جي مجسمي کي ساڙي، بذات خود انهيءَ ڊائنٽ کي ناس ڪري رهيا آهيو. انهن سيني گالهين جي مد نظر، انهن تقريبن تي انساني صورت وارن ڪکن جي مجسمن کي باهه ۾ ساڙڻ جي اها سمجهاڻي شايد سيني کان زياده امڪاني آهي.

ان جي باوجود، هيءَ گالهه ممڪن آهي ته اها سمجهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني حالتن سان لاڳو نه هجي ۽ انهن سان ڪن حالتن سان
ڪا بي معنيٰ واسطه هجي يا انهن ۾ ڪنهن بيءَ معنيٰ جي
ضرورت هجي. چاڪاڻ ته جيڪي مجسما اهڙيءَ طرح ساڙيا
ويندا آهن تن کي، جئين سون هن کان اڳي ئي چيو آهي،
"موت" جي انهن مجسمن کان بمشڪل جدا ڪري سگهجي ٿو،
جي بهار جي موسم ۾ ساڙيا يا ٻئي نموني سان ناس ڪيا ويندا
آهن، ۽ "موت" جي انهن نام نهاد مجسمن کي درحقيقت وٽن
جي روح يا نباتات جي روح جي نمائندن سمجهڻ لاءِ اڳي ئي
دليل ڏنا ويا آهن. ڇا، ٻيا مجسما ب، جيڪي موسم بهار يا وچ
اونهاري جي باهم جي مڇن ۾ ساڙيا ويندا آهن، سا گهي ئي معنيٰ
جي مرهونِ منت آهن؟ نظر ائين ئي اچي ٿو. چاڪاڻ ته جهڙيءَ
طرح نام نهاد "موت" جا باقي بچيل ٽڪرا فصلن جي واڌ لاءِ
ٻنين ۾ کوڙيا ويندا آهن، اهڙيءَ طرح موسم بهار جي باهم جي
مڇن ۾ سڙيل مجسمن جا ٻريل اگر هن اعتقاد سبب ٻنين ۾
وڇايا ويندا آهن، ته اهي جيتن کي فصل کان دور رکندا. وري
هن قاعدي جو مقصد، ته آخرين پرٽيل ڪنوار کي انهيءَ باهم
مڙان ٽپڻ گهرجي، جنهن ۾ "شروو-اگاري" ڏينهن ڪکن جو
مجسمو ساڙيو وڃي هجي، شايد ڪيس صاحب اولاد ٻڌائڻ جو آهي
پر، جئين-اسين ڏسي چڪا آهيون، عورتن کي اولاد جي نعمت
عطا ڪرڻ جي طاقت وٽن جي روحن جي خصوصي صفت آهي،
چنانچه، هيءَ ڳالهه قابل قياس آهي ته جنهن ٻرندڙ مجسمي
مڙان ڪنوار کي ٽپ ڏيڻو هوندو آهي، سو وٽن يا نباتات
جي روح جو نمائندو هوندو آهي. انهيءَ مجسمي جي، نباتات
جي روح جي نمائندي هڻڻ واري حيثيت ان وقت بلڪل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناقابل غلطي آهي، جڏهن اهو مجسمو آن جي اڻ ڳاهيل ستيءَ مان ٺهيل آهي يا جڏهن اهو نهن کان ونيءَ چوٽيءَ تائين گلن سان ڍڪيل آهي- وري، هيءَ ڳالهه ۽ قابل غور آهي ته گڏي جي بدران، ڪڏهن ڪڏهن جيئرن يا ڪيرايل وڻن کي موسم بهار ۾ وچ اونهاري وارين باهين ۾ ساڙيو ويندو آهي- هاڻي، هن ڳالهه تي غور ڪندي، ته وڻن جي روح جي انساني صورت ۾ اڪثر طرح نمائندگي ڪئي ويندي آهي، هيءَ قياس ڪرڻ بيجا نه ٿيندو ته جڏهن ڪن حالتن ۾ مجسمو ۽ ڪن ۾ وڻ، انهن باهين ۾ ساڙيو ويندو آهي، تڏهن مجسمي ۽ وڻ کي هڪئي جي برابر سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته بنهي مان هر هڪ وڻ جي روح جي ئي نمائندگي ڪندو آهي- انهيءَ جي تصديق وري هن ڳالهه ڏسڻ سان ٿئي ٿي ته هڪ ڪڏهن ڪڏهن اهو مجسمو، جنهن کي ساڙڻو هوندو آهي، هڪ ئي وقت "مئي-وڻ" سان گڏ ڪٽي گهمايو ويندو آهي، جن مان پهرئين کي چوڪرا ۽ پوئين کي چوڪريون ڪٽي هلنديون آهن، ۽ پيو ته مجسمي کي ڪڏهن ڪڏهن سائي وڻ سان ٻڌو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪيس ان سان گڏ ئي ساڙيو ويندوآهي- انهن حالتن ۾، اسان مشڪل ئي کو شڪ آڻي سگهون ٿا، ته وڻ جي روح جي نمائندگي، وڻ ۽ مجسمي، بنهي جي ذريعي ڪئي وڃي ٿي، جيئن اسين ان جي اهڙي نمائندگي اڳهر ۾ ڏسي آيا آهيون- هيءَ ڳالهه بلڪل فطرتي آهي ته نباتات جي فائدي پهچائيندڙ روح جي نمائندي طور مجسمي جي اصلي حيثيت کي ڪڏهن ڪڏهن فراموش ڪيو وڃي- فائديمند ديوتا کي ساڙڻ جي رسم پوين دورن جي خيال جي طريقن سان ايتري قدر ته ناآشنا آهي، جو ان جي غلط معنيٰ ۽ مفهوم نڪرڻ لازمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. بلڪل فطرتي طور، جيڪي ماڻهو ان مجسمي کي ساڙيندا رهيا، سي وقت گذرڻ سان ان کي اهڙن ماڻهن جي مجسمن جي صورت ۾ شناخت ڪرڻ لڳا، جن کي اهي جيوداس آئزڪيرينٽ، ليوٽر ۽ ڊائنڪ وانگر، مختلف سببن ڪري نفرت ۽ حقارت جي نظرن سان ڏسندا هئا.

ديوتا يا ان جي نمائندي کي مارڻ جي عام سببن کي گذريل هڪ باب ۾ جاچيو ويو آهي. پر جڏهن ديوتا نباتات جو ديوتا آهي، تڏهن ڪيس ٻاهر ذريعي مارڻ لاءِ خاص سبب آهن. چو ته نباتات جي واڌ لاءِ روشنائي ۽ گرمي ضروري آهن، ۽ همرنگ جادوءَ جي اصول مطابق، نباتات جي شخصي نمائندي کي انهن جي زير اثر آڻڻ سان، اوهين وڻ ۽ فصلن لاءِ انهن ضروري شين کي مهيا ڪريو ٿا. هين لفظن ۾ چئجي ته نباتات جي روح کي اهڙيءَ ٻاهر ۾ ساڙي، جا سڄ جي نمائندگي ڪري ٿي، اوهين خاطري ڪريو ٿا ته ڪم از ڪم ٿوري وقت لاءِ نباتات کي ڪافي مقدار ۾ سڄ جي گرمي ۽ روشني ملندي رهندي. هيءَ اعتراض ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن مقصد فقط نباتات لاءِ ڪافي مقدار ۾ سڄ جي روشنائي مهيا ڪرڻ جو آهي، ته پوءِ اهو مقصد هم‌آهنگ جادوءَ جي اصول تي نباتات جي نمائندي کي باهه ۾ ساڙڻ بدران، ان ۾ فقط لنگهائڻ ذريعي بهتر نموني سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. درحقيقت، ڪڏهن ڪڏهن ائين ڪيو ويندو آهي. روس ۾، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، ڪوپالو جي مجسمي کي وچ اونهاري واريءَ باهه ۾ ساڙيو ڪونه ويندو آهي، پر ڪيس باهه جي آر پار آندو ۽ نيون ويندو آهي. پر، هن ڪان اڳ ۾ پيش ڪيل سببن ڪري، اهو لازمي آهي ته ديوتا کي مرڻ گهرجي، چنانچه، ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن تي ڪوپالو جا سڀ زيور لاڻا ويندا آهن ۽ ڪيس وهندڙ ڪنهن ۾ اڇلايو ويندو آهي. هن رسمي رسم ۾ مجسمي کي باهه وڃان لنگهائڻ، جيڪڏهن محض پاڪائيءَ حاصل ڪرڻ جو عمل ناهي، تہ ممڪن آهي تہ اهو هڪ سورج- جنتر هجي، ديوتا کي مارڻ هڪ جدا ڪم آهي، ۽ ڪيس مارڻ جو طريقو— پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ ذريعي— شايد مينهن جو هڪ ٽوٽو آهي. پر عام طرح ماڻهن انهيءَ باريڪ امتياز کي نمايان ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجهيو آهي، هن کان اڳ ڏنل مختلف سببن ڪري اهي سمجهندا آهن تہ نباتات جي ديوتا کي ڪافي درجي تائين گرمي ڏيڻ مفيد ۽ ڪارآمد آهي ۽ ڪيس مارڻ ۾ فائديمند آهي، ۽ اهي ماڻهو انهن فائدن کي ساڙڻ ذريعي حاصل ڪرڻ لاءِ، ابهري نموني ۾ هڪڙي سان ملائي، هڪ ڪن ٿا.

۲- **ماڻهن ۽ جانورن کي باهين ۾ ساڙڻ:** يورپ جي باه جي تقريبن سان وابستہ عام رسمن ۾ کي اهڙيون ڳالهيون آهن، جي انساني قرباني جي سابق رواج ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. اسان کي هن اعتبار ڪرڻ لاءِ کي سبب مليا آهن تہ يورپ ۾ جيئرن ماڻهن گهٽو ڪري وڻ ۽ آن جي روح جي نمائندن جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان ڪري انهن موت جو مزو چکيو آهي. چنانچہ، هن ڳالهہ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي تہ جيڪڏهن ڪين اهڙي نموني مارڻ ذريعي ڪن خاص فائدن حاصل ٿيڻ جو ڪو امڪان هجي ها، تہ انهن کي چو نہ ساڙيو وڃي ها. انساني دک درد جو خيال اهڙو ناهي، جو قديم النسل ماڻهوءَ جي حساب ڪتاب ۾ اچڻ جهڙو آهي. هاڻي، باهہ جي انهن تقريبن ۾، جن تي اسين بحث ڪري رهيا آهيون، ماڻهن کي ساڙڻ جي سانگ کي ڪڏهن ڪڏهن ايتريءَ حد تائين چڪيو ويو آهي، جو ان کي قديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني ۾ ماڻهن کي سچ پچ ساڻ جي رواج جو هڪ هلکو ۽ نرم يادگار سمجهي، قابل قياس معلوم ٿئي ٿو. چنانچه، آچين ۾، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، مٽن جي پلي ۽ ويڙهيل ماڻهو اهڙي ۽ چالاکي ۽ کان ڪم ونندو آهي، جو هار سچ پچ يقين ڪندا آهن ته اهو ئي ساڻيو پيو وڃي. ناربنديءَ ۾، جيوبيئجز وٽ، سائي لباس ۾ ڏکيل ماڻهوءَ کي، جنهن کي "سبز بگهڙ" جو خطاب مليل هو، سندس رفيق ڏوڙائيندا هئا ۽ جنهن وقت اهي ڪيس پڪڙي وڃندا هئا، تنهن وقت ڪيس وچ اونهاري جي باهه جي سچ مچ اچلائڻ جو ڏونگ ڪندا هئا. ساڳيءَ طرح اسڪالٽنڊ ۾، "بيلٽين" باهين وقت، ڏيکاءَ جي صدقي واري ماڻهوءَ کي پڪڙيو ويندو هو ۽ ڪيس شعلن ۾ اچلائڻ جو ڏونگ ڪيو ويندو هو، جنهن کان پوءِ ڪجهه وقت تائين عام ماڻهو انجي متعلق ائين ڳالهائيندا هئا، جڻ ته اهو مري ويو هو. وري، شمال مشرقي اسڪالٽنڊ جي "هئلووين" باهين ۾، اسان کي انهيءَ چوڪري جي هن رسم جي ادائگيءَ ۾ شايد ساڳي ئي نمونو جي سانگ جو سراغ ملي ٿو، جيڪو باه جي مچ جي ايتري قدر قريب ليڻي پوندو آهي، جيتريقدر ڪانئس برداشت ٿي سگهندو آهي ۽ پوءِ ٻين چوڪرن کي پنهنجي مٿان ٽپڻ ڏيندو آهي. ائڪس جو خطابي بادشاهه، جو هڪ سال تائين راڄ ڪندو هو ۽ وچ اونهاري جي باهه جي مچ جي چوڌاري پهريون ناچ نچندو هو، سو شايد قديم زماني ۾ انهيءَ باهه اندر ٻرندڙ ڪاٺين جو گهٽ وٽندڙ ڪردار ادا ڪندو هوندو، جنهن کي بعد ۾ اهو فقط پنهنجن هٿن سان هاريندو هو. هيئين رسمن ۾ جو مٿنهاربڊ نباتات جي روح جي پنن ۾ ويڙهيل نمائندي کي ساڻ جي رسم جا آثار ڏسي ٿو، سو شايد صحيح آهي. آسٽريا ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وولفيڪ وٽ "مڊسمر" ڏينهن تي هڪ ڇوڪرو "فر" وڻ جي ساون پٽن ۾ ملبوس ٿي، شور مچائيندڙ ڇوڪرن جي همراهيءَ ۾ هڪ ڪان ٻڌي گهر ويندو ۽ باهه جي مچ لاءِ ڪاٺيون جمع ڪندو ويندو آهي. جيئن جيئن ڪيس ڪاٺيون ملندينون آهن، تيئن تيئن اهو هيئن ڳائيندو آهي:

"ٻيلي جا وڻ سون کي گهرجن، ۽ ٻير ۽ شراب،
۽ ڪنوکير نه گهرجي سون کي، ته ڪاٺير ٿي سگهي خوش ۽ شاداب"

ٻئويريا جي ڪن حصن ۾ پڻ جيڪي ڇوڪرا وڃ اوتهاري جي باهه جي مچ لاءِ هر هڪ گهر مان ڪاٺيون پڻ لاءِ ويندا آهن، سي پاڻ منجهان هڪ ڇوڪري کي "فر" وڻن جي ساين تارين ۾ ويڙهي، رسيءَ ۾ ٻڌي سڄي ڳوٺ مان ڦيرائيندا آهن. ووريميرگ ۾، مورشيم وٽ، "سينٽ جان جي باهه واري تقريب" ڇوڪرن ڏينهن تائين هلندي هئي ۽ "مڊسمر" ڏينهن ڪان پوءِ ايندڙ ٻئي آرتوار تي ختم ٿيندي هئي. انهيءَ آخرين ڏينهن تي باهه جو مچ پارن جي سپرد ڪيو ويندو هو ۽ وڏا مرد جهنگ ڏانهن هليا ويندا هئا. اتي ٻهچي، اهي هڪ نوجوان کي پٽن ۽ تارين ۾ ويڙهيندا هئا، جو اهڙيءَ طرح ويس بدلائي باهه ڏانهن ويندو هو، جتي اهو ان کي ٽيڙي پکيڙي، ۽ لتاڙي وسائي ڇڏيندو هو. سڀئي حاضرين ان کي ڏسڻ سان اتان ڀڄي ويندا هئا.

پر ان ڪان ۾ اڳتي وڌڻ ممڪن نظر اچي ٿو. اهڙن موقعن تي، جيڪي ۾ انساني قربانيون ڪيون ويندينون هيون، تن سڀني ڪان زياده ناقابل ترديد نشان، جيئن اسين مٿي ڏسي آيا آهيون، اهي آهن، جي اڪل هڪ سو سال اڳ اسڪاٽلنڊ جي اتانهن ميدانن ۾ "بيلٽين" باهين جي موقعن تي اڃا باقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا آيا، يعني اُهي نشان، جي سيلٽڪ نسل جي هڪ اهڙيءَ قوم وٽ، جا يورپ جي هڪ دور دراز ڪنڊ ۾ واقع هئڻ ۽ هر غير ملڪي اثر کان ذري گهٽ مڪمل طور دور هئڻ سبب، انهيءَ وقت تائين پنهنجي قديم بت پرستيءَ کي مغربي يورپ جي هر ٻيءَ قوم کان شايد بهتر طريقي سان محفوظ رکي سگهي هئي. چنانچ، هيءَ گالهه قابل غور آهي ته انساني قربانيون، ناقابل ترديد شهادتن جي بنياد تي، سيلٽڪ نسل وارين قومن ۾ باقاعدگيءَ سان ادا ٿيندي رهيون معلوم ٿين ٿيون. انهن قربانين جو سڀني کان وڌيڪ اوائلي بيان اسان کي جوليس سيزر وٽان ورثي ۾ مليو آهي. سيزر کي، گال جي تاهنوز آزاد، سيلٽڪ قوم جي مذهب ۽ ادب و آداب کي غور سان مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو هو، جي انهيءَ وقت تائين پنهنجي قومي ضرب خاني مان ايڏا بلڪل تازا نڪتل ۽ پُرڪشا هٿ ۽ روسي تهذيب جي ديگ ۾ ڳري ۽ ميلي هڪ نه ٽيا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته سيزر پنهنجيءَ ياد داشت سان گڏ هڪ اهڙي يوناني ڪوجنا ڪنڊڙ جا تبصرات ملايا آهن، جنهن جو نالو پوسيڊونس هو، جنهن گال جي علائقي مان انهيءَ وقت ڪان پنجاهه سال اڳ سفر ڪيو هو، جڏهن سيزر روسي هٿيارن کي انگريزي ڪاريءَ جي پار پهچايو هو. معلوم ٿئي ٿو ته يوناني جاگرافي نويس، استرابو ۽ تاريخ نويس، ڊيئو ڊورس پڻ سيلٽڪ نسل وارن جي قربانين جا بيان پوسيڊونيس جي تصنيف مان، ورهڪ ٻئي، ۽ سيزر جي بيانن کان بلڪل آزادانه طور، حاصل ڪيا آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ ٻئي مان حاصل ڪيل ٿنهي بيانن مان هرهڪ ۾ کي اهڙا تفصيل به موجود آهن، جي منجهائڻ پنهي مان ڪنهن هڪ ۾ نه ٿا لين. چنانچ، انهن سڀني کي ملائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ، اسان پوسيبل ونيس جي بيان کي ان جي اصلي حالت تائين امکان جي حد اندر واپس آڻي سگهنداسون ۽ اهڙيءَ طرح گال جي سيلڪ نسل واري قوم جي اهڙين قربانين جي تصوير حاصل ڪري سگهون ٿا ، جيڪي اهي اسان جي سن کان قبل ۾ پيءَ صديءَ جي آخر وقت ڏينداهئا . انهيءَ رسم جون مکيه خاصيتون هي معلوم ٿين ٿيون . سيلڪ قوم وارن طرفان موت جا سزا يافته ڏوهاري ديوتائن جي حضور ۾ هڪ اهڙيءَ عظيم تقريب تي قربان ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويندا هئا ، جا هر پنجن سالن کان پوءِ هڪ دفعو منعقد ڪئي ويندي هئي . اهڙن ماڻهن جو ، جئين زياده تعداد هوندو هو ، تئين زمين جي آبادي زياده سمجهي ويندي هئي . جيڪڏهن قرباني ڪرڻ لاءِ ماڻهن جو تعداد ڪافي ڪونہ هوندو هو ، تہ انهيءَ ڪوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ جنگي قيدين کي قتل ڪيو ويندو هو . جڏهن مقرر وقت ايندو هو ، تڏهن انهن ماڻهن کي ڊروئڊ پوجاري قتل ڪندا هئا . ڪن کي اهي تيرن سان ماريندا هئا ، ڪن کي لٽڪائيندا هئا ۽ ڪن کي اهي هيٺئين طريقي سان جيئرو جلائيندا هئا . ڪکن ۽ تيلين ، يا ڪاٺ ۽ گاهه سان تمام وڏا مجسما ٺاهيا ويندا هئا ۽ انهن کي جيئرن ماڻهن ، چوپاين ڏورن ۽ بين قسمن جي جانورن سان پريو ويندو هو ، ان کان پوءِ ، مجسمن کي باهه ڏني ويندي هئي ۽ اهي انهن جيئرن جاندارن سان گڏ سڙي ، خاڪ ٿي ويندا هئا .

اهڙيون وڏيون تقريبون هر پنجن سالن کان پوءِ منعقد ڪيون وينديون هيون . پر انهن پنجسالہ تقريبن کان علاوه ، جي اهڙي شاندار پئماني تي ۽ ظاهر طور انساني زندگيءَ جي ايتري وڏي صرفي سان ملهايون ويندیون هيون ، هيءَ قياس آرائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معقول نظر آڇي ٿي تہ اهڙي قسم جون نندي پٹماني واريون تقريبون هر سال پڻ ملهايون ويندیون هيون ۽ انهن سالياني تقريبن مان باه واريون ڪڍ ازڪر ڪجهہ تقريبون نسلاً بنسلاً اسان تائين پهتيون آهن جي، انساني قربانين جي نشانن سان گڏ، اڄا تائين يورپ جي مختلف علاقن ۾ سال بسال ملهايون وجن ٿيون. ڪکن پنن ۽ تيلين مان ٺهيل يا گاه سان ڍڪيل اهي وڏا بت، جن ۾ دروئڊ لوڪ پنهنجن صدقي وارن ماڻهن کي بند ڪندا هئا، اسان کي پنن سان ٺهيل انهيءَ چڪڑي جي يادگيري تازي ڪرائين ٿا، جن ۾ وڻن جي روح جي انساني نمائندي کي اڄا تائين گهٽو ڪري بند ڪيو ويندو آهي. چنانچہ، هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکندي، تہ زمين جي آبادي جو دارومدار انهن قربانين جي باقاعدگيءَ سان ادائگيءَ تي سمجهيو ويندو هو، مٿهاردت سيلٽڪ قوم وارن جي تيلين ۽ گاه ۾ ويڙهيل صدقي وارن ماڻهن جي معنيٰ، وڻن جي روح يا نباتات جي روح جي نمائندن جي ڪڍي آهي.

معلوم ٿئي ٿو تہ دروئڊ لوڪن جي ڪکن ۽ تيلين مان ٺهيل وڏن بتن جا نمائندا جديد يورپ جي وچ اونهاري يا بهار جي تقريبن تي، جيڪڏهن موجوده زماني تائين نہ، تہ بہ ٿورو ئي زمانو اڳ تائين موجود رهندا آيا. ڏوئي وٽ، ڪڍ از ڪڍ اٺويهين صديءَ جي اوائلي حصي تائين، ستين جولاءِ ڪان پوءِ ويجهي ڪان ويجهي آرتوار تي، هڪ جلوس منعقد ڪيو ويندو هو. انهيءَ جلوس جي هڪ اهم خصوصيت هڪ تمام وڏو بت هوندو هو، جو اڪثر ويهن ڪان ٽيهن فوٽن تائين اوچو هوندو هو ۽ ڪکن ۽ تيلين جو ٺهيل هوندو هو، جنهن کي "ديو" سڏيو ويندو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندس پيٽ اندر ويڙهل ماڻهوڪيس رسن ۽ ڦيٽن وسيلي گهٽين مان گهمائيندا هئا. انهيءَ بت کي هڪ جنگي جوڌي وانگر تراري، نيزي، ٽوپ ۽ ڍال سان مسلح ڪيو ويندو هو. ان جي پٺيان سندس زال ۽ ٻي ٻار ايندا هئا، جي پڻ ساڳئي طريقي سان، پر ننڍي پڻماني تي، ڪکن، پنن ۽ تيلين سان ڍاهيا ويندا هئا. ڍنڪرڪ وٽ، ديون جو اهو جلوس "سڊسمر" ڏينهن، يعني چوويهين جون، تي ڪيو ويندو هو. تقريب تي، جنهن کي "ڍنڪرڪ جا گاهم" سڏيو ويندو هو، آس پاس کان هشام ماڻهن جا اڇي ڪٺا ٿيندا هئا. اهو ديو ڪکن ۽ تيلين جو هڪ وڏو بت هوندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن پنجيتاليهه فوٽ اوچو هوندو هو، جنهن کي سونهري پڻن وارو نيلي رنگ جو هڪ ڍگهو جبو پهرايو ويندو هو، جو ان جي پيرن تائين پهچندو هو ۽ انهن ڏڻن يا وڏيڪ ماڻهن کي ڏکي چڏيندو هو، جي کيس نچائيندا هئا ۽سندس مٿي کي تماشاين طرف جهڪائي، هيٺ مٿي ٽپ ڏيارينداويندا هئا. انهيءَ آفت جيڏي بت جو نالو پاپا ريوس هوندو هو ۽ سندس کيسي ۾ هڪ ٿيندڙ ۽ ڪڏندڙ ٻار ٻيو هوندو هو، جنهن جي جسامت ڇ ديون جهڙي هوندي هئي. سندس پٺيان ديو جي هڪ ڏيءَ ايندي هئي، جا پڻ پنهنجي آقا وانگر ڪکن ۽تيلين جي ٺهيل هوندي هئي ۽ ان جي جسامت کان، جيڪڏهن گهٽ ۽ هوندي هئي، تہ تمام ٿوري. برٽبانت ۽ فلنڊرس جي اڪثر شهرن ۽ خود ڪولن کي ساڳئي قسم جا ڪکن ۽ تيلين مان ٺهيل پنهنجا بت هوندا آهن، يا ٿورو ئي زمانو اڳ هوندا هئا، جن کي هر سال ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ گوٽ ۾ ڦيرايو ويندو هو، جي انهن بدزبين بتن کي پسند ڪندا هئا، سندن متعلق حب الوطنيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي جوش وخروش ڏيارينڙ جذبي سان ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا ۽ ڪين ڏسڻ ۽ سندن نظاري ڪرڻ کان ڪڏهن ٻ نه ڏرندا هئا. ائنٽويرپ ۾ اهو ديو ايتريقدر تہ وڏو هوندو هو، جو شهر جو ڪوبہ صدر دروازو ايڏو وڏو ڪونہ هوندو هو، جنهن سان اهو لنگهي سگهي، چنانچہ اهو پنهنجن ٻين ديوءَ پائرن تائين ٻين پاسن وارن شهرن ڏانهن ڪونہ وڃي سگهندو هو، جيئن ٻيا بيلجم جا ديو اهڙن گنهيرن موقعن تي ڪندا هئا.

انگلنڊ ۾ اهڙا هٿرادو ديو وچ اونهاري وارين تقريبن جي خصوصيت هوندا هئا. سورهينءَ صديءَ جو هڪ مصنف "وچ اونهاري جي لنڊن وارن پيڪيدار جلوسن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ اتي ماڻهن کي متعجب ڪرڻ لاءِ، وڏا ۽ بدصورت ديو اهڙيءَ طرح گهمايا ويندا آهن، جڏ تہ اهي زنده آهن. انهن کي هرطرح مسلح ڪيو ويندو آهي، پر اندرين طرف اهي سڃا خاڪي ڪاغذ ۽ مڇ سان پريل هوندا آهن، جن کي هوشيار چوڪرا هيٺان ليئا پائي، چالاڪيءَ سان ڏسي وٺندا آهن ۽ پوءِ ڏاڍي ڪل ۽ مسخري ڪندا آهن." ڇيسٽر ۾ "مڊسمر" واريءَ سالياني تقريب ۾ جئن ديون جا بت شامل هوندا هئا، جن ۾ جانورن، گهوڙن ۽ ٻين قسمن جا مجسما رکيل هوندا هئا. ڪاوينٽريءَ ۾، معلوم ٿئي ٿو تہ ديو جي پاسي ۾ سندس زال ٻ هوندي هئي. آڪسفورڊ شاير ۾، برفورڊ وٽ، "مڊسمر" واري رات هڪ ديو ۽ هڪ وڏيءَ بلا جي مجسمن کي شهر جي گهٽين سان ڦيرائيندي، وڏي شادماني سان ملهائي ويندي هئي. انهن گشتي انگريزي ديون جو آخرين وارث سئلز بريءَ ۾ گهٽي وقت تائين جيئرو رهيو، جتي ڪيس قديم زماني جي تاريخ جي هڪ مصنف سنہ ١٨٣٣ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيلرس ڪمپنيءَ جي هڪ ويران وڏي ڪمري ۾ سڙندو ۽ زبون ٿيندي ڏٺو. سندس جسماني پنجرو ڪاليءَ جي اڇڙ ين باريڪ پٽين ۽ گول چڪرن جو ٺهيل هو. جهڙو "مئي ڊينهن" تي "جئڪ - ان - دي - گرين" پائيندو هو.

انهن حالتن ۾ ديو فقط جلوسن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن اونهاري جي باهين وارن مڃن ۾ ساڙيو ويندو هو. چنانچ، پئرس ۾ "ريوآڪس اورس" جا باشندا هر سال ٽيلين ۽ ڪڪن جو هڪ وڏو بت ٺاهيندا هئا، جنهن کي اهي سپاهيءَ جهڙا ڪپڙا پهرائي، گهٽن ڏينهن تائين گهٽين ۾ جلوس جي صورت ۾ گهمائيندا ۽ ڦيرائيندا هئا، جنهن کان پوءِ ٽين جولاءِ تي ڪيس انتهائي سنجيدگيءَ سان ساڙيو ويندو هو ۽ تماشاين جو هجوم "سالو ريجينا" جو ترانو گائيندو هو. هڪ معزز شخص، جنهن کي بادشاه جو خطاب ڏنو ويندو هو، هٿ ۾ برندڙ مشعل جهلي، انهيءَ رسم ادا ڪرڻ وقت صدارت جا فرض سر انجام ڪندو هو. بت جا برندڙ ٽڪر ماڻهن ۾ اڇلايا ويندا هئا، جي انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي مٿان ڪرندا هئا. اها رسم سنہ ۱۷۴۳ع ۾ منسوخ ڪئي ويئي. آئيل ڊي فرانس ۾، براءِ وٽ، ٽيلين ۽ ڪانڙين مان ٺهيل ارڙهن فوٽ اوچو هڪ بت "مڊسمر" رات تي هرسال ساڙيو ويندو هو.

وري، ٽيلين ۽ ڪڪن مان ٺهيل بتن اندر جيئرن جانورن کي ساڙڻ جي ڊروئڊ پادرين واريءَ رسم جو بدل بهار ۽ وچ اونهاري جي تقريبن ۾ موجود آهي. پرٽنين ۾ ليوچان وٽ "مڊسمر" رات جو "هسگردائيءَ" جي هڪ مڪيءَ ڪوٽ ۾، ٽيلين، ڪانن ۽ ڪانڙين جي هڪ مضبوط پنجري مان اٽڪل سٺ فوٽن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلنديءَ تائين هڪ پورو ٽنب ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي چوٽيءَ تائين ساون پنن سان ڍڪيو ويندو آهي، ساڳئي وقت انهيءَ علائقي ۾ سيني کان زياده خوبصورت جيڪي ۽ گل ۽ ٻوٽيون دستياب ٿي سگهنديون آهن، تن کي هيٺ جدا جدا گروهن ۾ انتهائي نفاست ۽ نزاڪت سان ٺاهي رکيو ويندو آهي، ته جيئن اهي انهيءَ نظاري لاءِ هڪ قسم جو پس منظر ٺاهي بيهن. ٽنب کي ٻوءِ اهڙين شين سان ڍڪيو ويندو آهي، جي تمام جلد ۽ آسانيءَ سان ڀري سگهن ۽ ڪيس باه ڏيڻ لاءِ هر طرح تيار رکيو ويندو آهي. متعين ٽيل وقت تي - اڪثر انهن ٻجي شام جو - پادرين تي مشتمل هڪ شاندار جلوس، جن جي ٻنيان خوش پوشاڪ نوجوان مرد ۽ ڪنواريون چوڪريون هونديون آهن، مذهبي گيت آلاپيندو، شهر مان نڪري نروار ٽيندو آهي ۽ ان ۾ شامل ماڻهو ٽنب جي چوڌاري بيهجي ويندا آهن. انهيءَ وچ ۾ آس پاس جي پهاڙين ۾ باه جا ڇ روشن ڪيا ويندا آهن، جن جو نظارو تمام خوبصورت ۽ وٺندڙ هوندو آهي. جيتري قدر جيئرا نانگ ڪٿا ٿي سگهندا آهن، اوترا هينئر انهيءَ ٽنب اندر اڇلايا ويندا آهن، جنهن کي بنياد وٺان مشعلن ذريعي باه ڏني ويندي آهي، جن سان مسلح اڪثر پنجاهه چوڪرا ۽ مرد ان جي چوڌاري مجنونا نہ اشارن سان نچندا رهندا آهن. نانگ، باه جي شعلن کان بچڻ لاءِ، ڦٽڪندا، ڦٽڪندا ٽنب جي چوٽيءَ تي چڙهي ويندا آهن، جتان اهي پاسيرا ڏڪ هٽندي ۽ تيزيءَ سان ڊوڙندي ڏٺا ويندا آهن، تانجو آخرڪار اهي لاچار ۽ مجبور ٿي هيٺ ڪرندا آهن ۽ زندگي قائم رکڻ لاءِ سندن جدوجهد چوڌاري بيٺل تماشاين ۾ جوش پري، خوشي پيدا ڪندي آهي. ليوچان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان جي پسگردائيءَ جي باشندن لاءِ هيءَ هڪ مقبول عام سالياني رسم آهي، جنهن کي مقامي روايت بت پرستانه بنياد طرف منسوب ڪندي آهي." اڳئين زماني ۾ پٽرس ۾ پليس ڊي گريو وٽ، وڃ اونهاري جون جيڪي باهيون هاريون ويندڙيون هيون، تن ۾ زنده ٻارين سان ٻريل هڪ ٽوڪري، ٻيپ يا ڳوڙ کي ساڙڻ جو رواج هوندو هو، جنهن کي ٻاهه جي مڇ جي عين وچ ۾ ڪٽل هڪ ڊگهي لڪڙي مان لٽڪايو ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن هڪ لوهڙ ساڙيو ويندو هو. ماٺهو اڳر ۽ رک گڏ ڪري گهر ڪٽي ويندا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن اعتقاد هو ته اهي شيون سندن بخت بالا ڪنديون. فرينچ بادشاه گهٽو ڪري اهي نظارا ٻيهي ڏسندا هئا ۽ انهن مڇن کي پنهنجن هٿن سان باه ۾ ڏيندا هئا. سنه ۱۶۳۸ع ۾ لوئي چوڏهين، مٿي ۾ گلاب جي گلن جي هار جو تاج پهري ۽ ساڻين گلن جو هڪ ٽڇو هٿ ۾ جهلي، اها باه ٻاري، سندس چوڌاري ناچ ڪيو ۽ بعد ۾ ٽائون هال ۾ منعقد ٿيل دعوت ۾ شرڪت ڪئي. پر اهو آخرين موقعو هيو، جڏهن هڪ بادشاه پٽرس ۾ وچ اونهاري جي باه جي مڇ جي صدارت ڪئي. ميٽز ۾ وچ اونهاري جون باهيون شهر پناه جي ٻاهران هڪ هموار ميدان ۾ ڏاڍي شان و شوڪت سان هاريون ويندڙيون هيون ۽ ماٺهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٽيلين جي پنجرن ۾ بند، اٽڪل هڪ ڏزن جيٿريون ٻلڙيون انهن ۾ ساڙيون ويندڙيون هيون. ساڳيءَ طرح ڪٻ ۾، جو هاءِ آلپس جي ضلعي ۾ واقع آهي، ٻارين کي وچ اونهاري واريءَ ٻاهه جي مڇ مٿان ڇڄايو ويندو هو. روس ۾، وچ اونهاري جي مڇ مٿان ڪڏهن ڪڏهن هڪ اڇو ڪڪڑ ساڙيو ويندو هو؛ سيسين يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيورنگيا ۾ گھوڙي جي منڊي ان ۾ اچلائي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن جانورن کي موسم بهار جي باهم جي مڇ ۾ ساڙيو ويندو آهي. ووسجز ۾ هلين کي "شروو" اگاري ڏينهن ساڙيو ويندو هو. ائلسيز ۾ انهن کي ايسٽر واري باهم جي مڇ ۾ ساڙيو ويندو هو. آرڊينس ضلعي ۾ "لينٽ" جي ڇهرين آرتوار تي باريل باهم جي مڇ ۾ هليون اچلايون ويندڙيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن بي رحميءَ ۽ نفاست آڻڻ خاطر انهن کي هڪ ڏگهي لڪڙي سان باهم مڙان لٽڪايو ۽ جيئرو پچايو ويندو هو. "هلي ۽ کي" جا شيطان جي نمائندگي ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪافي عذاب ڪوڙ ڏيئي سگهيو هو." هوڏانهن، جڏهن اهي جانداز باهم جي شعلن ۾ سڙندا ۽ مرندا رهندا هئا، تڏهن ريڍار پنهنجن ڍڻن جي پاسباني ڪندا هئا ۽ کين باهم مڙان ٽپڻ لاءِ مجبور ڪندا رهندا هئا. چاڪاڻ ته اهي انهيءَ ڳالهه کي پنهنجن ڍڻن کي بيماريءَ ۽ جادوءَ کان محفوظ رکڻ جو هڪطرح ڪامياب ذريعو سمجهندا هئا. اسان ڏسي آيا آهيون ته ڪڏهن ڪڏهن ايسٽر جي باهم ۾ نوريئڙا ساڙيا ويندا هئا.

چنانچ، معلوم ٿئي ٿو ته قديم گال جي سيلٽڪ نسل وارين قومن جي قرباني ۽ وارين رسمن جي جديد يورپ جي مقبول عام تقريبن ۾ نشان ڏهي ٿي سگهي ٿي. فطرتي طرح، انهن رسمن فرانس يا البت قديم گال جي سرحدن اندر واقع زياده ڪشاده ايراضيءَ ۽، تيلين ۽ ڪانن جي ديون ۽ تيلين جي پنڇڙن اندر قاسايل جانورن کي باهم ۾ ساڙڻ جي رسمن ۾ پنهنجا صاف نشان پليان ڇڏيا آهن. هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته اهي رسمون گهٽو ڪري وڃ اونهاري وقت يا ان جي قريب ادا ڪيون ويندڙيون آهن. ان مان اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اصلي رسمون، جن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجوده رواج محض بگڙيل نمونا آهن، وچ اونهاري وقت ادا ڪيون ويندیون هيون. اهو نتيجو، يورپي لوڪ رسمن جي عام جائزي مان حاصل ڪيل هن نتيجي سان همنوا آهي ته وچ اونهاري واري تقريب من حيث المجموع يورپ ۾ آباد قديم النسل آريه خاندان جي سيني قومن جي ۾ سڀني سالياني تقريبن کان زياده وسيع ۽ زياده سنجيده نوعيت جي تقريب هئي. ساڳئي وقت اسان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سيلٽ نسل وارن برطانوي باشندن ۾ سال جون مکيه باهه واريون تقريبون يقيني طور "بيلٽين" (مئي- ڊي) ۽ "هئلووين" (آڪٽوبر جو آخرين ڏينهن) نظر اچن ٿيون، ۽ انهيءَ ڳالهه مان هيءَ شڪ پيدا ٿئي ٿو ته ائين ته نه هو ته گال ۾ آباد سيلٽ نسل جا باشندا ۾ پنهنجيون باهه جون مکيه رسمون، جن ۾ سندن هتان ساڙيل ماڻهن ۽ جانورن جون قربانيون ۾ شامل هيون، "سمسمر" جي رات بدران، مئي مهيني جي آغاز، يا نومبر مهيني جي شروعات وقت ادا ڪندا هئا.

اسان کي هيءَ ڳالهه اڃا ۾ دريافت ڪرڻي آهي ته انهن قربانين جي معنيٰ ڇا آهي؟ جيڏن ماڻهن ۽ جانورن کي انهن تقريبن تي ڇو ساڙيو ويندو هو؟ جيڪڏهن اسين جديد يورپ جي باهه وارين تقريبن کي ڏانڊين ۽ جادوگرن کي ساڙڻ، يا روڪڻ ذريعي سندن قوت کي ٽوڙڻ جي جدوجهد جي معنيٰ ۽ مفهوم ڏيڻ ۾ درست آهيون، ته پوءِ ان مان لازمي طور هيءَ نتيجو نڪرندو نظر اچي ٿو ته اسان کي سيلٽ نسل وارن جي انساني قربانين کي ۾ ساڳئي نمونو سان سمجهائڻو پوندو، يعني اسان کي هيءَ فرض ڪرڻو پوندو ته جن ماڻهن کي ڊروئڊ پادري تيلين ۽ ڪاڻ مان ٺهيل بتن اندر ويهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻيندا هئا، تن کي هن ڏوهه هيٺ موت جي سزا ملڻ هوندي هئي تہ اهي ڊائنٽيون يا جادوگر هئا ۽ کين ماهر ۽ ساڻي مارڻ جو طريقو هن کري چونڊيو ويو هو، چاکاڻ تہ انهن نفرت جوگين ۽ خطرناک هستين کان نجات حاصل کرڻ جو انتهائي يقيني طريقو کين جيڏي جلائڻ جو سمجهيو ويندو آهي. ساڳي ئي سمجهاڻي مختلف قسمن جي انهن چوپاين ۽ جهنگلي جانورن سان پڻ لاڳو ٿي سگهي ٿي، جن کي سيلڻ نسل جا لوڪ ماڻهن سان گڏ ساڻيندا هئا. اسين هيءَ قياس کري سگهون ٿا تہ انهن کي ڀ يا جادوءَ جي طاقت جي اثر هيٺ آيل سمجهيو ويندو هو، يا سچ پچ خود ڊائنٽيون ۽ جادوگر سمجهيو ويندو هو، جن ڀيءَ مخلوقات جي پلائيءَ ۽ بهبودي‌ءَ جي خلاف پنهنجن دوزخي منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ جي مقصد سان پاڻ کي چاڻي واڻي جانورن جي ظاهري صورت ۾ ڪٽي تبديل کيو هو. انهيءَ انومان کي هن ڳالهه مان تصديق ملي ٿي تہ جديد ماهرن ۾ جن کي صدقي طور ساڻيو ويو آهي، سي گهٽو کري پليون رهيون آهن ۽ پليون بلڪل اهي ئي جانور آهن، جن ۾ سهڻن جي ممڪن استثنيٰ کان علاوه، ڊائنٽين کي عام طور پاڻ کي تبديل ڪندو سمجهيو ويندو هو. وري، اسان هيءَ ۾ ڏٺو آهي تہ نانگن ۽ لومڙن کي ۾ ڪڏهن ڪڏهن وچ اونهاري جي ماهر وارن سڻن ۾ ساڻيو ويندو هو ۽ ويلس ۽ جرمن ڊائنٽين لاءِ چيو ويو ٿو تہ اهي لومڙن ۽ نانگن، پنهي جو روپ اختيار ڪنديون هيون. مختصر طور چئجي تہ جڏهن اسين جانورن جي گهڻن قسمن کي ياد رکون ٿا، جن جي صورت ڊائنٽيون پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق اختيار کري سگهن ٿيون، تڏهن انهيءَ قياس جي بنياد تي جيڏن جانورن جي اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف قسمن لاءِ معقول سمجهاڻي ڏيڻ آسان معلوم ٿئي ٿي، جن کي تدبير گال ۽ جديد يورپ ۾ عام. تقريبن تي ساڙيو پئي ويو آهي، اسين هيءَ انومان ڪيي سگهون ٿا ته صدقي جي انهن سيني جانورن کي باهه جي شعلن جي نذر ان ڪري ڪونه ڪيو ويندو هو، چاڪاڻ ته اهي جانور هوندا هئا، پر هن سبب ڪري ته انهن کي ڊائنٽيون سمجهيو ويندو هو، جن پنهنجن ناجائز ۽ قابل مذمت مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ جانورن جي صورت ڪٽي اختيار ڪئي هوندي هئي. قديم سيلٽڪ قربانين کي انهيءَ طريقي سان سمجهائڻ مان هڪ وڏو خائدو هيءَ آهي، جو اهو انهيءَ هلت سان هڪ قسم جي يڪجهتيءَ ۽ پختگيءَ کي متعارف ڪري ٿي، جا يورپ وارن اوائلي زماني کان ولي، اڄ کان ٻن صدين اڳ تائين ڊائنٽين سان رواپٽي رکي آهي، جڏهن معقوليت جي روز افزوان اثر جادوءَ ۾ اعتقاد کي باطل ثابت ڪيو ۽ ڊائنٽين کي ساڙڻ جي رواج جو خاتمو آندو. اهو ڪٽي ڪيڻ ڏ هجي، بهرصورت اسين هينئر هن ڳالهه کي آساني سان سمجهي سگهون ٿا، ته جڏ ڊروئڊ ائين سمجهندا هئا ته جيترن گهٽن ماڻهن کي اهي سوٽ جي دروازي تائين پهچائيندا، اوتري زياده آبادي زمين کي نصيب ٿيندي. جديد دور جي هڪ پڙهندڙ جي نظرن ۾ هڪ جلاد جي ڪارگذاريءَ ۽ ڏرتيءَ جي پيداوار جي درميان جيڪو تعلق آهي، سو پهرين مطالع وقت شايد عيان نه ٿئي. پر ٿوروئي ويچار ڪيس مطمئن ڪري سگهندو ته جڏهن اهي ڏوهاري، جي هڪ ڪلي سان ٻڌجي يا ٿاسيءَ تي لٽڪي مرندا آهن، سي خود ڊائنٽيون هونديون آهن، جن جي خوشي ڪڙميءَ جي فصلن کي پاري ۾ ساڙڻ يا ڪين ڪڙي جي وزندار ڏکن سان ڪيرائڻ ۾ ٿئي ٿي، تڏهن انهن بدبختن جي سوٽ کي، اهڙن سڀ سبن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ کي دور ڪرڻ ذريعي، جي هڪ ڪاشتڪار جي محنت کي بي طاقت بڻائين ٿا ۽ سندس اميدن کي پاڻ پاڻ ۾ ڪن ٿا، سچ پچ هڪ پلي ۽ پرپور فصل جي خاطريءَ جو وسيلو سمجهيو ويندو آهي.

ڊروئڊ پادرين جي جن قربانين تي آسين غور ڪري رهيا آهيون، تن جي سمجهاڻي ڊبليو- مٿهارڊٽ هڪ مختلف نمونو ۽ ڏني آهي. هن سمجهيو هو ته ڊروئڊ لاءِ جن ماڻهن کي تيلين ۽ ڪڪن جي مجسمن ۾ ساڙيندا هئا، سي نباتات جي روحن جي نمائندگي ڪندا هئا ۽ ان ڪري کين ساڙڻ جي رسم جادوءَ جو هڪ ٽوٽو هو، جنهن جو مقصد فصلن لاءِ ضرورت مطابق سڄ جي گهربل روشنائي حاصل ڪرڻ جو هوندو آهي، ساڳيءَ طرح هو انهيءَ نظريي طرف مائل ٿيندو نظر اچي ٿو ته جيڪي جانور ۽ ماڻهو جي مڃن ۾ سڙندا هئا، سي آنَ جي روح جي نمائندگي ڪندا هئا جنهن لاءِ، جيئن اسان هن ڪتاب جي اوائلي حصي ۾ ڏسي چڪا آهيون، ائين سمجهيو ويندو آهي ته هو گهٽو ڪري حيواني روپ اختيار ڪندو آهي. اهو نظريو بلاشڪ معقول ۽ منطقي آهي ۽ ڊبليو- مٿهارڊٽ جي اعليٰ اختياري ڪيس خبرداريءَ سان تفتيش جي مستحق بڻائي ٿي. مون اهو نظريو هن ڪتاب جي اڳين طباعتن ۾ اختيار ڪيو هو، پر دوباره غور ڪرڻ تي مون کي اهو نظريو مجموعي طور هن نظريي کان گهٽ امڪاني معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي ماڻهو ۽ جانور باهين ۾ ساڙيا ويندا هئا، تن کي ڊانٽئين جي حيثيت ۾ مايو ويندو هو. انهيءَ ٻوئين نظريي جي انهن ماڻهن جي شهادتن مان، جيڪي باهه جون تقريبون ملهائيندا آهن، زبردست تصديق ٿي رهي آهي، چاڪاڻ ته باهين ۾ ڀرڻ جي رسم جو هڪ عام نالو "ڊانٽئين کي ساڙڻ" آهي، ڊانٽئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا مجسما ڪڏهن ڪڏهن باهر جي شعلن ۾ ساڙيا ويندا آهن ۽ باهين، ٽانڊن ۽ رک لاءِ ائين سمجهيو ويندو آهي ته اهي جادوءَ جي شر خلاف حفاظت مهيا ڪندا آهن. ان جي برعڪس، هن ڳالهه ڊيڪارٽ لاءِ ڪوبه ثبوت ڪونهي ته جيڪي بت يا جانور باهين ۾ ساڙيا ويندا آهن، تن کي ماڻهو نباتات جي روح جا نمائندا سمجهندا آهن ۽ باهين جا ڇڻ ڪي سورج - جنتر آهن. باقي نانگن جي باري ۾ خاص طرح، جن کي ليوچان ۾ وڇ اونهاري جي باه ۾ ساڙيو ويندو هو، مون کي ڪنهن به اهڙيءَ يقيني ثابتيءَ جو علم ڪونهي ته يورپ ۾ نانگن کي وڻن جي روح يا اناج جي روح جو مظهر سمجهيو ويو آهي، حالانڪ دنيا جي ڪن ٻين حصن ۾ اهو تخيل بلڪل ناپيد نه ٿو نظر اچي، جيئن ته ماڻهن جي دلين ۾ ڊانٽئين جي حيواني صورت ۾ تبديليءَ متعلق اعتقاد ايتري قدر عام جام ۽ پختيءَ ۾ ڇاڙ وارو، ۽ انهن بدصورت ۽ قابل نفرين هستين جو ڊپ ايتري قدر سخت آهي، جو هيءُ فرض ڪرڻ زياده سلامتيءَ وارو معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي ٻليون ۽ جيڪي ٻيا جانور باه ۾ ساڙيا ويندا هئا، سي نباتات جي نمائندن جي حيثيت ۾ نه ساريا ويندا هئا، پر انهن کي ڊانٽئين جو مظهر سمجهي، ڪين سوت جو مزو چکايو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجهتون

بالبر ۽ *مزلٽو

پڑهندڑ کي ياد هوندو تہ يورپي قومن جي باه وارين عام تقريبن جو گذريل بيان نارس قوم جي ديوتا، بالبر جي ڏند کتا وڻان شروع ٿيو هو جنهن کي، جيو وجي ٿو تہ "مزلٽو" جي هڪ شاخ هٿي، ماريو ويو هو ۽ بعد ۾ کيس باه جي هڪ زبردست مچ ۾ ساڙيو ويو هو. اسان کي هينئر اها جاچ ڪرڻي آهي تہ جن رسمن جو اسان هن وقت تائين جائزو ورتو آهي، سي انهيءَ ڏند کتا تي ڪيتري قدر روشنائي وجهڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. انهيءَ جاچ ۾ "مزلٽو" سان شروعات ڪرڻ آسان ٿيندو، جا بالبر جي موت جو هٿيار هئي.

تمام قديم زماني کان وٺي "مزلٽو" يورپ اندر وهم پرستيءَ جي هڪ ڪيڏ شيءَ ٿي گذري آهي. دروئڊ ان جي پوڄا ڪندا هئا، جئين اسان کي پلنيءَ جي هڪ مشهور تحرير مان معلوم ٿئي ٿو. هو مختلف قسمن جي "مزلٽو" ٻوٽين جي شمار ڪرڻ کان پوءِ اڳتي هلي چوي ٿو: "هن موضوع تي بحث ڪندي، انهيءَ احترام کي ڏيان کان ڪنهن به صورت ۾ دور ڪرڻ نہ گهرجي، جنهن سان گال جا باشندا "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي

* بغير پاڙ جي هڪ اهڙي ٻوٽي، جا شاهم بلوط، صوفن ۽ ايلم وڻن جي ٽارين ۾، ۽ - چانگين وت نڪرندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندا آهن. ڊروئڊ لوڪ، جنهن نالي سان اتان جا ماڻهو پنهنجن جادوگرن کي سڏيندا آهن، "مزلٽو" ۽ انهيءَ وڻ کان، بشرطيڪ اهو وڻ شاهم بلوط هجي، جنهن تي اها نڪرندي آهي، زياده مقدس ٻيءَ ڪنهن به شيءَ کي ڪونہ سمجهندا آهن. پر ان کان علاوه به، اهي پنهنجين مقدس هڙين لاءِ شاهم بلوط جا جهنگ منتخب ڪندا آهن ۽ شاهم بلوط جي پنن کان سواءِ اهي پنهنجو ڪوبہ مقدس ساڻ سوڻ ادا نہ ڪندا آهن، ان ڪري خود ڊروئڊ نالو ئي هڪ يوناني خطاب سمجهن گهرجي، جو ڪين سندن شاهم بلوط جي پوڄا سبب ڏنل آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو اعتقاد آهي تہ جيڪي ڪجهہ انهن وٽن تي ايري ٿو، سو آسمانن طرفان موڪليل هوندو آهي ۽ هن ڳالهہ جي نشاني آهي تہ انهيءَ وڻ جو انتخاب خود ديوتا ڪيو آهي. "مزلٽو" ٻوٽي تمام مشڪل ملندي آهي، پر جڏهن به اها ڪنهن هنڌ ملندي آهي، تڏهن اهي ان کي سنجيده قسم جي ڪن ٽوٽن ڦيٽن سان گڏ ڪندا آهن. اهو ڪم آهي هميشہ چنڊ جي ڇهين ڏينهن تي ڪندا آهن، جنهن کان ولي اهي پنهنجن مهينن، سالن ۽ ٽيهن سالن واري چڪر جي شروعات شمار ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ڇهين ڏينهن ڏاري، چنڊ ٻرگهٽي قدر طاقت هوندي آهي ۽ انهيءَ اڃا پنهنجي اڏ گردش پوري ڪانہ ڪئي هوندي آهي. جڏهن انهيءَ وڻ هيٺان قرباني ۽ دعوت لاءِ سڀ ضروري تياريون مڪمل ڪيون ويندیون آهن، تڏهن آهي انهيءَ وڻ کي عالمي شافع جي خطاب سان نوازيندا آهن ۽ انهيءَ هنڌ ٻ اهڙا اڇا ڍڳا ڪاهي ايندا آهن، جن جي سنگن کي ان کان اڳ ڪڏهن ٻ رسو نہ هڏو ويو هوندو آهي. هڪ پادري، جو اڇن ڍڳن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙن ۾ ملبوس هوندو آهي، اُنهيءَ وٽ تي ڇڙهي ويندو آهي، جتي هو هڪ سوني ڏانڊي سان "مزلٽو" کي وڍيندو آهي، جنهن کي هيٺ ٻيٽل ماڻهو اڇي ڪپڙي ۾ جهٽيندا آهن. پوءِ اهي انهن ديڳن کي قربان ڪندا آهن ۽ هيءَ دعا ڪندا آهن ته "شل خدا پنهنجي تحفي کي انهن ماڻهن سان گڏ سائو ۽ آباد ڪري، جن تي هن اهو نازل ڪيو آهي." سنڌن اعتقاد آهي ته "مزلٽو" سان تيار ڪيل دوا سڪل ديورن کي ڦردار ڪندي ۽ اهو ٻوٽو هر قسم جي زهر جي خلاف تریاق هوندو آهي."

ٻئي هنڌ پلني چوي ٿو ته "طب ۾ شاه بلوط جي وٽ تي اپرندڙ "مزلٽو" جي ٻوٽيءَ کي هڪ انتهائي مؤثر جز سمجهيو ويندو هو. کي وهمي ماڻهو انهيءَ ٻوٽي جي اثر کي اهڙيءَ حالت ۾ وڌيڪ اثرائتو سمجهندا هئا، جيڪڏهن اها چنڊ جي پهرينءَ تاريخ تي لوه جي ڪنهن به اوزار جي استعمال کان سواءِ گڏ ڪئي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن، ان کي گڏ ڪرڻ کان پوءِ زمين سان ڇهڻ کونہ ڏنو ويندو هو. شاه بلوط جي وٽ تي اپرندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي، جا اهڙيءَ طرح گڏ ڪئي ويندي هئي، مرگهيءَ جي مرض جو يڪ ٽڪ علاج سمجهيو ويندو هو، جيڪڏهن عورتون ان کي پاڻ سان گڏ رکنديون هيون، ته اها کين حاصل ٿيڻ ۾ مدد ڪندي هئي ۽ جيڪڏهن بيمار ماڻهو فقط انهيءَ ٻوٽيءَ جو هڪ ٽڪر وات ۾ چٻائيندو هو ۽ ساڳئي وقت هڪ ٻيو ٽڪر زخم مٿان رکندو هو ته اها سندس بدن تي نڪتل قرڙين ۽ ڳوڙهن کي انتهائي مؤثر طريقي سان چٽائي ڇڏيندي هئي. ان کان علاوه، هو اڃا هيءَ به ڪالهه ڪڙي ٿو ته "مزلٽو" کي سرڪي ۽ ڪڙ جي آني وانگر ٻاه وسائڻ جو بهترين ذريعو سمجهيو ويندو هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن انهن پوين ٽڪرن ۾ "پلني" پنهنجن اڳلين وارن همعصرن جي اعتقادن جو حوالو ڏئي ٿو، جيئن ظاهر آهي ته هو ائين ئي ڪري ٿو، ته پوءِ ان مان هيءَ نتيجو لازمي طور اخذ ٿئي ٿو ته دروئڊ مذهب وارا ۽ اطالوي باشندا شاهم بلوط تي اپرندڙ "مزلٽو" پوٽيءَ جي اهڙين قيمتي خوبين متعلق ڪجهه حد تائين هڪ ٻئي سان متفق هئا، ٻئي قومون ان کي متعدد مرضن جو اثرائتو علاج سمجهنديون هيون ۽ ٻئي ان ڏانهن تيزي پيدا ڪندڙ خوبي منسوب ڪنديون هيون- دروئڊ مذهب وارن جو اعتقاد هو ته "مزلٽو" مان تيار ڪيل دوا سڪل ڏورن کي سائو ڪندي، ۽ اطالوي سمجهندا هئا ته جيڪڏهن ڪا عورت "مزلٽو" جو ٽڪر پاڻ سان گڏ کڻي گهمندي، ته اها کيس حاملہ ٿيڻ ۾ مدد ڪندي. ان کان علاوه، ٻئي قومون ائين به سمجهنديون هيون ته جيڪڏهن انهيءَ پوٽيءَ جي طبي خوبين مان اثرائتي نموني سان مستفيض ٿيڻو هجي، ته ان کي هڪ خاص طريقي سان ۽ ڪنهن خاص وقت تي گڏ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مقصد لاءِ انهيءَ پوٽي کي لوهه سان نه وڍڻو هوندو هو. چنانچه، دروئڊ مذهب وارا ان کي سون جي اوزار سان وڍيندا هئا. ٻيو ته ان کي ڌرتيءَ سان نه لڳڻ گهربو هو، جنهن ڪري دروئڊ لوڪ ان کي اڇي ڪپڙي ۾ جهڪيندا هئا. پوٽيءَ کي گڏ ڪرڻ واري وقت کي منتخب ڪرڻ ۾، ٻئي قومون چند ڏسڻ سان بدل رهنديون هيون، سندن اختلاف فقط چند جي خاص ڏينهن سان هوندو هو، جو اطالوي پهرينءَ ۽ دروئڊ ڇهينءَ تاريخ کي ترجيح ڏيندا هئا.

"مزلٽو" جي اهڙين عجيب و غريب طبي خوبين متعلق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم زماني جي گال ۽ اٽليءَ جي باشندن جي اعتقادن سان اسين جهان جي جديد "ائنو" نسل وارن جي ساڳين اعتقادن جي مشابهت ڪنداسون. اسان پڙهيو آهي ته، اهي "شمال جي طرف ڪان آيل پين گهٽين قومن وانگر، مزلٽو، کي تمام وڏيءَ عزت سان ڏسندا آهن. هو ان کي هڪ اهڙي دوا سمجهندا آهن، جا هر هڪ مرض لاءِ چگي هوندي آهي ۽ آهي ان کي ڪڏهن ڪاڏي ۽ ته ڪڏهن جدا دوا طور ڪائيندا آهن. ان جي پيرن کي استعمال ڪرڻ ڪان زياده سندس پنن کي ترجيح ڏني ويندي آهي، چاڪاڻ ته ان جا پير عام ڪمن لاءِ بيحد لعابدار ۽ گهاٽيءَ رس سان پريل هوندا آهن... پر گهٽا ماڻهو اهو پڻ سمجهندا آهن ته انهيءَ ٻوٽي ۽ باغن کي تمام گهٽي قر جهلڻ ۾ مدد ڏيڻ جي طاقت هوندي آهي. جڏهن ان کي انهيءَ مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، تڏهن ان جي پنن کي تمام سنهو ڪٽي، مٺائڻ دعا گهري، مٽرن ۽ پين پڄن سان گڏ ملائي هوکيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ته ان جي پنن جا ڪجهه ٽڪرا ڪاڏي سان گڏ ڪاڏا ويندا آهن. سنڌ عورتن کي پڻ هن مقصد لاءِ "مزلٽو" ڪائيندي ڏٺو ويو آهي، ته ڪين حامله ٿيڻ ۾ مدد ملي. "مزلٽو" جي جيڪا ٻوٽي بند جي وڻ تي اپرندي آهي، تنهن ۾ تمام گهڻو اثر سمجهيو ويندو آهي. اهو هن ڪري آهي، جو بيد کي اهي ماڻهو خاص طور هڪ مقدس وڻ سمجهندا آهن."

چنانچه، "مزلٽو" کي قريباً هر مرض جي علاج سمجهڻ ۾ "ائنو" نسل وارا دروئڊ لوڪن سان متفق آهن ۽ قديم اطالوين سان آهي هن باري ۾ يڪراءِ آهن ته اها سنڌ عورتن کي ٻارن ڄڻڻ ۾ مدد ڪري ٿي. وري، دروئڊن جي هن خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي، ته "مزلٽو" "هر مرض جو علاج" يا ترياق هو، سينيگمبيا جي "وئلو" نسل وارن ماڻهن جي خيال سان پيٽي سگهجي ٿو. انهن ماڻهن کي "هڪ قسم جي 'مزلٽو' ٻوٽيءَ جي پنن کي پاڻ سان گڏ جنگ جي ميدان ڏانهن هن خيال کان کڻي ويندا آهن، ته آهي کين زخمن کان محفوظ رکندا، ڇو ته پنن اندر سچو پچو طلسم (گرس-گرس) هوندو آهي." جنهن فرينچ مصنف انهيءَ رواج جو ذڪر ڪيو آهي، سو چوي ٿو ته "چا، هيءَ ڳالهه ڏاڍي حيرت انگيز ناهي، ته آفريڪا جي هن علاقي ۾ "مزلٽو" کي اهو ڪجهه سمجهيو وڃي، جيڪو گال ملڪ جا وهمي ماڻهو ڪيئن سمجهندا هئا؟ انهيءَ وهم جو، جيڪو ٻنهي ملڪن ۾ عام آهي، هڪ ئي بنياد هوندو، سفيد ۽ سياه فام ماڻهن، ٻنهي ٻنهنجي ٻنهنجي ليکي بنان ڪنهن شڪ جي انهيءَ ٻوٽيءَ ۾ کا فوق‌الفطري خوبي ڏٺي هوندي، جا اُن کي زمين اندر پاڙن هڻڻ کان سواءِ ئي وڌو ڪري ٿي ۽ سائو رکي ٿي. چا، کين درحقيقت هيءَ يقين ڪونہ ٿيو هوندو ته اها ٻوٽي خدائي تحفي طور، آسمان کان خاص طور ڏانهن اڇلائي ويئي هئي؟"

انهيءَ وهم متعلق اهڙي خيال جي خاطري دروئڊن جي هن اعتقاد مان ٿئي ٿي، جنهن جو پلنيءَ ذڪر ڪيو آهي، ته شاه بلوط جي وڻ تي جيڪا به چيز اپرندي هئي، سا آسمان طرفان آيل هوندي هئي ۽ اها هن ڳالهه جي نشاني هوندي هئي ته انهيءَ وڻ جو انتخاب خود ديوتا ڪيو هو. اهڙي قسم جو اعتقاد هن ڳالهه کي واضح ڪري ٿو ته جو دروئڊ لوڪ "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي رواجي چاقوءَ سان نہ، پر سوني ڏانڊي سان وڍيندا هئا، ۽ جو ان کي وڍڻ کان پوءِ، اهي ڪيس زمين سان لڳڻ نہ ڏيندا هئا. ممڪن آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اهي هيئن سمجهندا هجن تہ اهو جڏهن ٻوٹو اهڙيءَ طرح پليٹ تي ويندو ۽ زمين سان ڇهي سبب ان جي حيرت انگيز خوبي زائل ٿي ويندي. "مزلٹو" کي ويندي، ڊروئڊ لوڪ جيڪا رسم ادا ڪندا هٿا، تنهن سان اسين هڪ اهڙي رواج جي مشابهت ڪنداسون، جنهن تي ساڳيءَ حالت ۾ ڪمبوڊيا جي ماڻهن کي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي. آهي ماڻهو چوندا آهن تہ جڏهن اوهين ڪنهن ول جي رنگ برنگي ۽ عجيب و غريب صورت وارن گلن کي گدامڙيءَ جي ڪنهن وڻ تي اپرندو ڏسو، تڏهن اوهان کي اڇو لباس ڏيکي، ٽڪر جو ٽئون برتن هٿ ۾ کڻي، سنجهند جي وقت انهيءَ وڻ تي چڙهي، اهو ٻوٹو ٽوڙڻ گهرجي ۽ ان کي ٽڪر واري ٽانوَ ۾ وجهي وڻ تان هيٺ اڇلائڻ گهرجي. ان کان پوءِ اوهين برتن ۾ هڪ دوا ٽاهيو، جا اوهان کي اهڙي خاصيت بخشيندي، جو اوهان کي ڪوبہ زخم يا ڦٽي ڪنهن قسم جي ضرب کو ضرر ڪونہ رسائي سگهندي. چنانچہ، جهڙيءَ طرح آفريڪا ۾ وڻ تي چڙهندڙ هڪ قسم جي ول جا بن، کين پائيندڙ ماڻهوءَ کي ناقابل تسخير بڻائين ٿا، اهڙيءَ طرح ڪمبوڊيا ۾ هڪ ڦٽي ٻوٹي لاءِ هيئن سمجهيو ويندو آهي تہ جيڪي ماڻهو ان جي ڇڻن کي پيئندا يا انهن سان پاڻ کي ڏوئيندا، تن لاءِ آهي بن ساڳيءَ ريت مفيد ۽ ڪارآمد ثابت ٿيندا. هيءَ ڳالهہ قابل قياس آهي تہ ڇاهي جاين تي ماڻهن کي انهيءَ قسم جو خيال متعلق ٻوٹي جي بلند مقام سبب آيو آهي، جو زمين کان گهٽو مٿي، نسبتاً زياده سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي هٿ سبب انهن خوش نصيب ماڻهن کي دنيا جي ڏکن ۽ مصيبتن مان ڪن ڪان ساڳيءَ قسم جي حفاظت ڏني جو وعدو ڏئي ٿو، جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي ارضي زندگيءَ جي دوران ۾ ڪيس گهيرينداً رهن ٿا. اسان هن ڪان اڳ ئي اهڙي آسري جي عملي مثالن سان دوچار ٿيا آهيون، جو هڪ قديم النسل انسان جو دماغ اهڙن فائديمند خيالن مٿان رکندو آهي.

"مزلٽو" جي متعلق اعتقادن ۽ رواجن جو بنياد گهڙڻ ۾ ڪٿي هجي، پر هيءَ ڳالهه ته يقيني آهي ته منجهائن ڪن جا متشابه مثال جديد يورپي ڪاشتڪارن جي لوڪ ڪٿائن ۾ موجود آهن. مثال طور، يورپ جي گهڻن ئي علائقن ۾ هيءَ قاعدو آهي ته "مزلٽو" کي رواجي طرح نه وڍڻ گهرجي، پر ان کي گولييءَ يا پٿرن جا ڏڪ هڻي، انهيءَ ڪوڙ تان هيٺ ڪيرائڻ گهرجي، جنهن تي اها اپرندڙ هجي. چنانچه، ائراگاڻ جي سُسر ضلعي ۾ "سيني مزلٽو ٻوٽن کي ڳولڻا ماڻهو هڪ نموني سان مقدس سمجهندا آهن. پر خصوصي طور شاه بلوط جي وڻ تي اسرندڙ "مزلٽو" کي انتهائي مقدس سمجهندا آهن. اهي ان ڏانهن ودّيون طاقتون منسوب ڪندا آهن، پر ڪيس دستوري طريقي سان وڍڻ کان ڏجندا آهن ۽ ان جي بدران اهي ڪيس هن نموني سان حاصل ڪندا آهن: جڏهن سج "برج قوس" ۾ هوندو آهي ۽ چنڊ لاهو هوندو آهي، تڏهن چنڊ رات کان اڳ پهرين ٽين يا چوٿين ڏينهن، ماڻهوءَ کي شاه بلوط جي وڻ تي اسرندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي تير هڻي هيٺ ڪيرائڻ گهرجي، ۽ جيڪڏ ئي اها هيٺ ڪري، تيڪڏ ئي ان کي پنهنجي ڏاڻي هٿ ۾ جهلڻ گهرجي. اهڙي "مزلٽو" ٻوٽي ٻارن جي هر بيماريءَ جو يقيني علاج آهي." هيتي، سُٽز آبادگارن ۾ ۽ قديم زماني جي ڊروئڊ لوڪن وانگر، شاه بلوط تي اسرندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ سان هڪ مخصوص خوبي وابسته ڪئي وڃي ٿي. ان کي دستوري طريقي سان نه ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيو وڃي، زمين ڏانهن هيٺ ڪرڻ وقت ان کي هٿ ۾ جهلڻو پوي ٿو، ۽ ان کي سيني بيمارين، ڪم از ڪم بارن جي هر مرض، لاءِ تریاق تصور ڪيو وڃي ٿو. سئيڊن ۾ پڻ هي‌ءَ وهم عام آهي ته جيڪڏهن "مزلٽو" هو ٽي‌ءَ ۾ سندس خاص خوبي باقي رکڻ منظور هجي، ته ان کي شاه بلوط جي وڻ مان گولي يا پٿر هٽي هيٺ ڪيرائڻ گهرجي. ساڳي‌ءَ طرح، "اڻويهين صدي‌ءَ جي اوائلي حصي تائين ٻ، ويلس جي ماڻهن جو اعتقاد هو ته "مزلٽو" ٻوٽي‌ءَ کي فقط ان صورت ۾ طاقت هوندي، جڏهن ان کي انهي‌ءَ وڻ وڻ تان گولي يا پٿر هٽي هيٺ ڪيرايو ويندو، جنهن تي اها اسرندڙ هوندي."

وري، "مزلٽو" جي شفا ڏيندڙ خاصيتن جي باري ۾ جديد آباد گارن، ۽ خود عالمن جي راءِ ڪجهه حد تائين قديم ماڻهن جي راءِ سان متفق ٿي آهي. معلوم ٿئي ٿو ته‌ڊروئڊ انهي‌ءَ ٻوٽي يا شايد انهي‌ءَ شاه بلوط کي، جنهن تي اها اسرندي هئي، "هر مرض کان شفا ڏيندڙ" سڏيندا هئا، ۽ "هر مرض کان شفا ڏيندڙ" نالو "مزلٽو" کي برٽني، ويلس، آئرلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جي جديد سيلٽڪ ٻولي‌ءَ ۾ ڏنو ويندو آهي. "سينٽ جان" واري ڏينهن (مڊسمر ڏينهن) صبح جو، پيڊمانٽ ۽ لومبارڊي جا آباد گار "سينٽ جان جي تيل" لاءِ شاه بلوط جي وڻ جي ڦن جي ڳولا ڪرڻ لاءِ باهر ويندا آهن، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهو سيني وڌيندڙ هٿيارن جا لڳل گهاءَ چٽائيندو آهي. اوائل ۾ "سينٽ جان جو تيل" محض "مزلٽو" ئي، يا منجهائنس ٺهيل ڪا دوا هئي، جاڪاڻ ته هولسٽين ۾ "مزلٽو"، خاص طرح شاه بلوط جي "مزلٽو"، کي اڃا تائين تازن زخمن لاءِ تریاق سمجهيو ويندو آهي ۽ شڪار ۾ ڪاميابي حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري لاءِ، هڪ يقيني ٽوڙ ۽ ڏکڻ فرانس ۾ لئڪيون وٽ، "مزلٽو" جي متعلق سيٽي زهرن جي خلاف تریاق هڻڻ جي حيثيت ۾ قديم دروئڊن وارو اعتقاد اڃا تائين اتان جي آباد گارن ۾ زنده رهندو اچي ٿو، اهي اهو ٻوٽو زهر ڪاڌل ماڻهوءَ جي پيٽ کي لڳائيندا آهن، يا ڪيس ان مان ٺهيل مرڪب پيئڻ لاءِ ڏيندا آهن. وري، قديم زماني جو هيءُ اعتقاد، ته "مزلٽو" مرگهيءَ جو علاج آهي، جديد زماني ۾ نه، نه فقط جاهل طبقي ۾، پر تعليم يافته ماڻهن ۾ به زنده رهندو آيو آهي. چنانچه، سئيڊن ۾ ماڻهو سمجهندا آهن ته اهي مرگهيءَ جي مرض ۾، شاه بلوط جي وڻ مٿان اسريل "مزلٽو" ٻوٽيءَ جي ڪاليءَ جي دستي وارو چاقو پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمڻ ذريعي انهيءَ بيماريءَ جي دورن کي ٽاري سگهندا، ۽ جرمنيءَ ۾ ساڳئي ارادي سان هارن جي ڪچين ۾ "مزلٽو" جا ٽڪرا هڏا ويندا هئا. ٻوڙ ٻوناءِ جي فرينچ صوبي ۾ مرگهيءَ لاءِ هڪ مقبول عام علاج، اهڙيءَ "مزلٽو" جو هڪ مرڪب آهي، جا سينٽ جان جي ڏينهن تي شاهه بلوط جي وڻ تان گڏ ڪئي ويئي هجي ۽ ان کي رائيءَ جي اٽي سان جوش ڏياريو ويو هجي. ساڳيءَ طرح لنڪونشاير ۾، ٻوٽسفورڊ وٽ، "مزلٽو" جو هڪ مرڪب انهيءَ خطرناڪ مرض کي شفا ڏيندڙ سمجهيو ويندو آهي. درحقيقت، "مزلٽو" کي پنوانٽيءَ جي بيماريءَ جي علاج طور انگلنڊ ۽ هالنڊ جي اعليٰ طبي اختياريءَ وارا، ويندي ارڙهين صديءَ تائين سفارش ڪندا هئا.

بهرحال، طبي پيشي وارن جي "مزلٽو" جي شفا ڏيندڙ خصلتن متعلق راءِ ۾ انقلابي تبديلي اچي ويئي آهي. هڪ طرف، جيتوڻيڪ دروئڊ سمجهندا هئا ته "مزلٽو" هر هڪ بيماريءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽائيندي آهي، ان جي باوجود، ٻئي طرف ائين نظر اچي ٿو ته جديد ڊاڪٽرن جو خيال آهي ته اها ڪنهن به بيماريءَ کان شفا نه ٿي ڏياري. جيڪڏهن اهي درست آهن، ته پوءِ اسان کي هيءُ فيصلو ڪرڻ گهرجي ته "مزلٽو" جي طبي خوبيءَ ۽ قديم ۽ وسيع اعتقاد خالص هڪ وهم آهي، جنهن جو بنياد انهن خيالي نتيجن کان علاوه ٻيءَ ڪنهن به شيءَ تي رکيل ناهي، جيڪي جهالت ۽ لاعلميءَ انهيءَ ٻوٽيءَ جي ٻئي وڻ مٽان اسڙ واريءَ نوعيت مان ڪڍيا آهن، چاڪاڻ ته وڻ جي ٽاريءَ مٽان سندس بلند مقام ڪيس انهن خطرن کان محفوظ رکندو معلوم ٿئي ٿو، جن ۽ زمين جي مٿاڇري تي رهندڙ جانور ۽ ٻوٽا وکوڙيل رهن ٿا. انهيءَ نقطهٔ نگاه کان اسين سمجهي سگهون ٿا ته ڇو "مزلٽو" جي ايتري گهٽي عرصي کان وٺي ۽ اهڙي زوردار تموني سان مرگهيءَ جي بيماريءَ جي علاج جي حيثيت ۾ سفارش ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن ته "مزلٽو" هن سبب ڪري زمين تي نه ٿي ڪري سگهي، چاڪاڻ ته اها زمين کان گهٽو مٿي وڻ جي شاخ ۽ ڪٽل آهي، ان ڪري هيءَ گالهه لازمي نتيجي طور اخذ ٿيندي معلوم ٿئي ٿي ته مرگهيءَ جو مريض دوري پوڻ سان تيسين هيٺ نه ٿو ڪري سگهي، جيسين اهو "مزلٽو" جو ٽڪر ڪيسي ۽ وجهي پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمندو، يا ان جو ڪو مرڪب پنهنجي پيٽ ۾ وجهي گهمندو. ممڪن آهي ته خيال جو اهو تسلسل اڄ به بني نوع انسان جي وڏي حصي کي بلڪل معقول نظر اچي.

وري، قديم اطالوي باشندن جي هن راءِ ۾، ته "مزلٽو" ٻاه کي وسائيندي آهي، سڀڙن جا ڪڙمي به شريڪ معلوم ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا، جي شاه بلوط جي وڻن تي اسرندڙ "مزلٽو" جي وڏين سٽين کي نقصان کان حفاظت لاءِ عام طور ۽ باهکان بچڻ لاءِ خاص طور پنهنجن ڪمرن جي ڇتين تي لٽڪائي ڇڏيندا آهن. جنهن طريقي سان "مزلٽو" انهيءَ خوبيءَ جي حامل ٿئي ٿي، تنهن جو اشارو اسان کي سندس "گجگوڙي ٻوهارو" جي صفت سان ملي ٿو، جا سٽزرلئنڊ جي اڳراڳائو ضلعي جا باشندا انهيءَ ٻوٽي سان لاڳو ڪندا آهن. چاڪاڻ ته 'گجگوڙي - ٻوهارو' وڻن جي ٽارين تي نڪتل ٽڙيل پکڙيل وارن جهڙو هڪ خارجي سواد هوندو آهي، جنهن لاءِ عام ماڻهو سمجهندا آهن ته اهو وڃ جي ڇمڪات سبب پيدا ٿيندو آهي، چنانچ، بوهيميا ۾، باهم ۾ ساڙيل ٻوهارو گهر جي جاءِ کي گجگوڙ ۽ وڃ واري طوفان جي نقصان کان محفوظ رکندڙ سمجهيو ويندو آهي. خود وڃ جي پيداوار هڪ سبب، اهو هر آهنگ جادوءَ جي اصولن تي بلڪل فطرتي طرح وڃ خلاف بچاءَ، ۽ درحقيقت وڃ کي جذب ڪندڙ هڪ ذريعي جو ڪم ڏئي ٿو. چنانچ، سئيڊن ۾ جنهن باهم کي خاص طور "مزلٽو" کي گهرن کان دور رکڻو آهي، سا شايد وڃ ڪرڻ سبب لڳندڙ باهم ٿي سگهي ٿي، جيتوڻيڪ اهو ٻوٽو، بنان ڪنهن شڪ و شبهي جي، عام باهم جي حالت ۾ ٻڙ اوتري ئي قدر اڀرائتو آهي.

وري، "مزلٽو" استاد - ڪنجيءَ ۽ وڃ - جاذب شيءَ جو ڪردار به ادا ڪري ٿي، چاڪاڻ ته جيو ويندو آهي ته اها سيني ڦڦڙن کي ڪولينڊي آهي. ۽ "مزلٽو" جي ٻين سيني خوبين کان زياده قابل قدر ۽ قيمتي خصلت هيءَ آهي ته اها جادوءَ ۽ رسل خلاف هڪ نهايت سوٽر بچاءَ مهيا ڪري ڏئي ٿي. اهوئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغير ڪنهن شڪ جي، سبب آهي، جو آسٽريا ۾ رات جو پوائنٽن خوابن ڏسڻ ڪان محفوظ رهڻ لاءِ "مزلٽو" جي هڪ تيلي چانئٽ تي رکي ويندي آهي، ۽ هن ڳالهه جو به اهو ئي سبب ٿي سگهي ٿو ته انگلنڊ جي اتر ۾ ماڻهو ائين چو چوندا آهن، ته جيڪڏهن اوهين پنهنجي ڪير وارن جانورن کي ٽلهو ۽ متارو ڪرڻ جا خواهان هجو، ته اوهين "مزلٽو" پوٽيءَ جو پنهنجو سڄو انهيءَ پهرينءَ ڪٻوٽءَ کي کارائڻ گهرجي، جا "نئين سال جي ڏينهن" کان پوءِ ڦر ڏئي، چاڪاڻ ته هيءَ ڳالهه مشهور معروف آهي ته ڪير ۽ ڪنهن لاءِ ڪابه شيءِ ايتري قدر سهلڪ ڪانه آهي، جيتري قدر جادو. ساڳيءَ طرح ويلس ۾، ڏورن جي واڙي ۾ برڪت آڻڻ لاءِ، ماڻهو اهڙيءَ پهرينءَ ڪٻوٽءَ کي "مزلٽو" جو سڄو کارائيندا هئا، جا "نئين سال" جي پهرين ڪلاڪ کان پوءِ ڦر چٽيندي هئي، ۽ ويلس جي ديهاتي ضلعن ۾، جتي "مزلٽو" تمام گهٽي ٿيندي هئي، مالدارن جي گهرن ۾ هميشه ان جو تمام جهجهو مقدار مهيا رهندو هو. جڏهن "مزلٽو" جي پيداوار ۾ ڪا ڪمي واقع ٿيندي هئي، تڏهن ويلس جا ڪڙمي چوندا هئا، "مزلٽو ڪانهي ته بخت به ڪونهي" ۽ جيڪڏهن اُنهيءَ پوٽيءَ جو فصل جهجهو ٿيندو هو، تڏهن اهي آنَ جي پهرين فصل جي اميد رکندا هئا. سئيڊن ۾ سينٽ‌جان واريءَ رات جو مقامي ماڻهو محنت سان "مزلٽو" جي تلاش ڪندا آهن، چاڪاڻ ته "سندن اعتقاد آهي ته اها پوٽي انتهائي پر اسرار خاصيتن جي حامل آهي، ۽ جيڪڏهن ان جو هڪ ٽي تندورو گهر واريءَ جاءِ جي چت سان، يا گهوڙي جي اصطبل ۾، يا ڪٻوٽءَ جي واڙي ۾ اٽڪائي ڇڏجي، ته ان صورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ "نرول" ماڻهوءَ يا ڏور کي نقصان رسائڻ کان لاچار ٿي پوندو."

"مزلٽو" ٻوٽيءَ جي گڏ ڪرڻ واري وقت متعلق مختلف رايا ڏنا ويا آهن. ڊروئڊ ان کي چنڊ جي ڇهين ڏينهن ۽ اطالوي معلوم ٿئي ٿو، ته چنڊ جي پهرين ڏينهن ڪٿو ڪندا هئا. جديد دور ۾ ڪن ماڻهن مارچ مهيني جي ڪاملِ چنڊ کي ترجيح ڏني آهي ۽ ٻين سياري جي لاهو چنڊ کي، جڏهن سج برج قوس ۾ هوندو آهي. پر سڀني کان زياده مقبول وقت "مڊسمر رات" يا "مڊسمر ڏينهن" معلوم ٿئي ٿو. اسان ڏسي آيا آهيون ته سئيڊن ۽ فرانس ۾ "مڊسمر" جي موقعي تي جمع ڪيل "مزلٽو" سان خاص خوبيون وابسته ڪيون ويندیون آهن. سئيڊن ۾ قانون آهي ته "مزلٽو کي مڊسمر واريءَ رات تي ويڙ گهرجي، جڏهن سج ۽ چنڊ پنهنجيءَ انتهائي طاقت ۽ زور واري نشان ۾ ٻيئل هوندا آهن". وري، ويلس ۾ هيءَ اعتقاد عام هو ته سينٽ جانِ واريءَ رات (مڊسمر رات) تي، يا ان جي ٻرن ڪرڻ کان اڳ کوڙي ۾ وقت گڏ ڪيل "مزلٽو" کي جيڪڏهن ڪنهن ننڊ ٻيل ماڻهوءَ جي وهاڻي هيٺان رکبو ته اها ڪيس نيڪ ۽ بد پيشينگوين جا خواب ڏيکاريندي. چنانچ، "مزلٽو" انهن مختلف ٻوٽن مان هڪ آهي، جنهن جون جادوي يا طبي خوبيون سال جي ڏکهي کان ڏکهي ڏينهن تي سج جي عروج سان گڏ پنهنجي عروج تي پهچنديون سمجهيون ويندیون آهن. ان ڪري، هن قياس ڪرڻ لاءِ معقول سبب موجود آهن ته ڊروئڊن جي نظرن ۾ پڻ، جي انهيءَ ٻوٽي جو ايڏو احترام ڪندا هئا، مقدس "مزلٽو" کي جون مهيني ۾، جڏهن سج راس‌السرطان ۾ هوندو، سندس پر اسرار خوبين جو ٻڌو وڻن مليو هوندو ۽ اهو ئي سبب هو، جنهن ڪري اهي ان کي شايد باقاعدگيءَ سان هميشه مڊسمر واريءَ رات جو ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ ۽ احترام سان ويندا هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها گالهه، ڪٿي ڪيئن ٻ هجي، پر هيءَ گالهه يقيني آهي
ته "مزلتو" ڪي، جا بالبر ديوتا جي موت جو سبب هئي، سندس
پر اسرار خودڪشي سبب "مدسمر" رات جو اسڪئنڊينيويا ۾، جو بالبر
ديوتا جو گهر آهي، باقاعدگيءَ سان گڏ ڪيو ويو آهي. عام طرح
ڏٺو ويو آهي ته اها ٻوٽي ناسپاتين ۽ شاه بلوط جي وڻن ۽ سئيڊن
جي زياده موافق آب هوا وارن علائقن جي گهاٽن مرطوب ٻيلن
جي ٻين وڻن تي عام جام اپرندي آهي. چنانچه، بالبر جي ڏندڪٿا
جي ٻن مکيه واقعن سان هڪ ڪي، اسڪئنڊينيويا جي وچ اونهاري
واريءَ وڏيءَ تقريب ۾ دوباره پيش ڪيو وڃي ٿو. ۽ ڏندڪٿا
جي ٻئي مکيه واقعي، يعني باهه جي ڇ تي بالبر جي جنازي
ڪي ساڙڻ، جو نعم البدل باهه جي انهن سڃن ۾ موجود آهي، جي
اڃا تائين يا ٿوروئي زمانو قبل ڊينمارڪ، ناروي ۽ سئيڊن ۾
"مدسمر" رات تي ٻارايو ويندا هئا. درحقيقت، ائين ٿو نظر اچي
ته انهن باهين ۾ ڪو مجسمو ساڙيو ويندو آهي، ۽ مجسمي ڪي
ساڙڻ انهيءَ رسم جو هڪ اهڙو ٻهلو آهي، جو جيڪڏهن هڪ دفعو
ان جي معنيٰ ۽ مفهوم کي وساريو وڃي، ته ان کي درگذر ڪرڻ
شايد آسان ٿي پوي. ۽ بالبر جي باهين جو اهو نالو، (بالڊرس
بيلر) جنهن سان وچ اونهاري وارين باهين کي اڳئين زماني ۾
سئيڊن ۾ سڏيو ويندو هو، بالبر سان سندن قريبي تعلق کي شڪ جي
حد کان خارج ڪري ڇڏي ٿو ۽ هيءَ امڪان پيدا ڪري ٿو ته
اوائلي زماني ۾ بالبر جو هڪ جيئرو نمائندو يا سندس مجسمو
سال بسال انهن باهين ۾ ساڙيو ويندو هو. وچ اونهاري واري موسم اها
آهي، جا بالبر جي نظرن ۾ مقدس هئي ۽ ممڪن آهي ته سئيڊن جي
شاعر، ٽيگنر، بالبر جي سڙڻ واري واقعي جو وقت وچ اونهارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقرر ڪندي، شايد هن قديم روايت جي پيروي ڪئي هجي، ته راس‌السرطان ئي اهو وقت هو، جڏهن اهو نيڪ ديوتا ٻيوقتي موت سان همڪنار ٿيو هو.

چنانچه، هيءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته بالدر جي ڏندڪتا جي اهم واقعن جا بدل، اسان جي يورپي آباد ڪارن جي باهه وارين انهن تقريبن ۾ شامل آهن، جي بنان ڪنهن شڪ جي انهيءَ زماني کان گهڻو اڳ جون آهن، جڏهن عيسائين وٽ انهن کي متعارف ڪيو ويو. "بيلٽين" باهه ۾ پڪي ذريعي چونڊيل صدقي جي ماڻهوءَ کي اڇلائڻ جي سانگ کي، ۽ نارنڊيءَ ۾ انهيءَ ماڻهوءَ، مستقبل جي "سبز بگهڙ"، سان وچ اونهاري واريءَ باهه جي تقريب وقت ساڳئي قسم جي هلت ڪي، بلڪل فطرتي طور، قديم زماني ۾ جيئرن ماڻهن کي اهڙن موقعن تي سچ پچ باهه جي ۾ اڇلائڻ جي رسم جا باقي بچيل نشان سمجهڻ گهرجن. "سبز بگهڙ" جي سائي پوشاڪ، انهيءَ نوجوان ماڻهوءَ جي ساون پنن جي لباس سان گڏ، جنهن کي موشيم وٽ وچ اونهاري جي باهه جي مچ ڪي لتاڙي وسائڻو پوندو هو، هن طرف اشارو ڪندي نظر اچي ٿي ته انهن تقريبن تي مرڻ وارا ماڻهو وڻ جي روحن يا نباتات جي ديوتائن جي حيثيت ۾ ائين ڪندا هئا. انهن سڀني ڳالهين مان اسين بلڪل معقول طريقي سان هيءَ انومان ڪڍي سگهون ٿا ته هڪ طرف بالدر واريءَ ڏندڪتا ۽، ۽ ٻئي طرف باهه وارين تقريبن ۾ "مزلٽو" جمع ڪرڻ وارين رسمن ۽، اسان کي چئ ته هڪ سڃيءَ اصل شيءَ جا ٻ ٽڪرا ۽ هڪٻئي کان جدا ٿيل ڏکڙ ملن ٿا. ٻين لفظن ۾، اسين امڪان جي ڪجهه حد تائين هيءَ ڳالهه تسليم ڪري سگهون ٿا ته بالدر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جي ڏند ڪٿا محض هڪ ڏند ڪٿا نہ هئي، يعني اهو ٻني-نوع انسان جي زندگيءَ مان اڌارين ورتل تصويرن جي صورت ۾ فطرتي نظام جو هڪ بيان ڪونہ هو، پر اها ڏند ڪٿا ساڳئي وقت هڪ اهڙي آکاڻي ۾ هئي، جيڪا ماڻهو هن ڳالهہ کي سمجهائڻ لاءِ ٻڌائيندا هئا تہ اهي ڇو هر سال ديوتا جي انسان نمائندي کي ساڙيندا هئا ۽ "مزلتو" کي ڇو اهڙن سائن سوڻن سان ويڙيندا هئا. جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، تہ پوءِ بالبر جي افسوسناڪ موت جي ڳالهہ جڏهن تہ انهيءَ مقدس ڊرامي جي مسودي جو ڪم ڪندي هئي، جو هرسال سڄ ڪي چمڪائڻ، وڻ ڪي جمائڻ فصلن کي وڌائڻ ۽ ماڻهن ۽ جانورن کي پرين، شياطين، ڊائنٽين ۽ جادوگرن جي نقصانڪار حرڪتن کان محفوظ رکڻ لاءِ ادا ڪيو ويندو آهي. مختصر طور چئجي تہ اهو قصو فطرت سان واسطو ٽيل روايتن هڪ جي اهڙي طبقي مان هڪ آهي، جن کي سائ سوڻ ۽ رسم و رواج جي سمجهائڻ لاءِ اضافي ڏيڻ جو مقصد هوندو آهي. هتي، جيئن گهٽو ڪري ٽيندو آهي، ڏندڪٿا جو جادوءَ سان اهو واسطو ۽ تعلق آهي، جيڪو نظريي جو عمل سان هوندو آهي.

پر، جيڪڏهن صدقي ٽيڻ وارا — انسان بالبر — جيڪي بهار يا وچ اونهاري ۾ باهہ ۾ سڙي مرندا هئا، وڻ جي روحن يا نباتات جي ديوتائن جي حيثيت ۾ ماريا ويندا هئا، تہ پوءِ ائين پيو معلوم ٿئي تہ خود بالبر وڻ جو روح يا نباتات جو هڪ ديوتا هو. چنانچہ، هيءَ ڳالهہ لازمي ٽيو پوي تہ جيڪڏهن اسين خاص قسم جي انهيءَ وڻ يا انهن وڻن جي، تحقيقات ڪري سگهون، تہ اڳ ۾ انهن جي قسم کي معلوم ڪريون، جن جي شخصي نمائندي کي باهہ وارين تقريبن تي ساڙيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ اسان کي خاطري ڪرڻ گهرجي تہ صدقي جي ماڻهوءَ کي عام نباتات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نمائندي جي حيثيت ۾ ڪوئ ماريو ويندو هو. عام نباتات جو نظريو ايتريقدر ته لطيف ۽ پيچيده آهي، جو اهو قديم زماني سان وابستہ ٿي ٿي ته ٿو سگهي. ممڪن آهي ته اوائلي دور ۾ صدقي جو ماڻهو خاص طور هڪ ٿي قسم جي ڪنهن مقدس وڻ جي نمائندگي ڪندو هو. پر سيني يورپي وڻن مان، ٻئي ڪنهن کي به آريه نسل جي قومن جي مقدس وڻ جي حيثيت هئڻ لاءِ اهڙا حق ۽ اهڙي دعويٰ ڪانهي، جهڙي شاه بلوط کي. اسان ڏٺو آهي ته يورپ ۾ آريه نسل جي سيني وڏين شاخن ۾ آنَ جي پوڄا جي تصديق ٿيل آهي؛ چنانچ، اسان يقيني طور هيءَ فيصلو ڪري سگهون ٿا ته سڄي آريه قوم منتشر ٿيڻ کان اڳ، مشترڪ طور وڻ جي پوڄا ڪندي هئي ۽ سندس اصلي وطن ضرور ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ واقع هوندو، جو شاه بلوط جي ٻيلن سان چانيون پيو هوندو.

يورپ جي آريه نسل جي سيني شاخن طرفان جيڪي به ٻاه جون تقريبون ملهايون ويندين آهن، تن سيني جي قديم نوعيت ۽ عجيب و غريب يڪسانيت تي غور ڪندي، اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اهي تقريبون انهن مذهبي رسمن جي مشترڪ مجموعي جو هڪ حصو هونديون، جي مختلف قومون پنهنجي خاص بدوشيءَ واري زماني ۾ پاڻ سان گڏ کڻي ويئون. پر، جيڪڏهن آءٌ صحيح آهيان، ته پوءِ ٻاه وارين انهن قديم رسمن جو هڪ انتهائي ضروري جز، منجهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ساڙڻ جو هو، جيڪو وڻ جي روح جي نمائندگي ڪندو هو. چنانچ، آرين جي مذهب ۾ شاه بلوط کي جيڪو مقام حاصل هو، تنهن تي نگاه رکندي، هيءَ انومان نڪري ٿو ته ٻاه جي تقريبن تي جنهن وڻ جي نمائندگي ڪئي ويندي هئي، سو اوائل ۾ شاه بلوط هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين سيلٽ ۽ لٽوئانين نسل جي لوڪن جو سوال آهي، تيستائين انهيءَ فيصلي جي مشڪل ئي مخالفت ٿي سگهندي. پر انهن ۽ جرمنيءَ وارن جي باري ۾، انهيءَ ڳالهه جي تصديق مذهبي رجعت پسنديءَ جي هڪ عجيب و غريب ڳالهه مان ملي رهي آهي. ٻاهه ٻارڻ جو انتهائي قديم طريقو، جو ماٺهوءَ کي معلوم آهي، ڪائيءَ جي بن ٽڪرن کي تيسين هڪ ٻئي سان گسائڻ جو آهي، جيسين انهن کي ٻاهه وٺي ۽ ۽ اسان ڏٺو آهي ته اهو طريقو يورپ ۾ ضرورت واريءَ ٻاهه جهڙن مقدس ٻاهين ٻارڻ لاءِ اڃا تائين استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ممڪن آهي ته اوائلي زماني ۾ اهو طريقو زير بحث ٻاهه جي سڀني تقريبن جي حالت ۾ استعمال ڪيو ويندو هجي. هاڻي، ڪڏهن ڪڏهن هيءَ ٻ تقاضا ڪئي ويندي آهي ته ضرورت واري ٻاهه يا ٻي مقدس ٻاهه کي ڪنهن خاص قسم جي ڪاليءَ گسائڻ سان ٻارڻ گهرجي ۽ ۽ جڏهن ٻ ڪاٺ جي ڪنهن مخصوص قسم جي طلب ڪيل آهي، خواه اها سيلٽ نسل وارن طرفان، خواه جرمنيءَ وارن طرفان، خواه سلئو نسل وارن طرفان، تڏهن ڏٺو ويو آهي ته اهو ڪاٺ عام طرح شاه بلوط جي وڻ جو رهيو آهي. پر، جيڪڏهن مقدس ٻاهه کي هميشه شاه بلوط جي ڪاٺ کي گسائڻ سان ٻاريو ويندو هو، ته پوءِ اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته اصل ۾ انهيءَ ۾ جيڪي ڪائيون ساڙيون ويندیون هيون، سي ٻ انهيءَ ئي وڻ جون هونديون. درحقيقت، هيءَ ڳالهه معلوم ٿي رهي آهي ته روم ۾ ويسٽا جي مندر ۾ جيڪا دائمي ٻاهه ٻرندي هئي، تنهن ۾ شاه بلوط جون ڪائيون ساڙيون ويندیون هيون ۽ آهي شاه بلوط جون ڪائيون ٿي هونديون هيون، جي انهيءَ دائمي ٻاهه ۾ ٻرنديون رهنديون هيون، جا روموف ۾ واقع لٽوئانيا وارن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيءَ سڙهيءَ واري مقدس شاه بلوط وڻ هيٺان هرندي رهندي هئي. ان کان علاوه، هيءَ ڳالهه، ته وچ اونهاري وارين ياهين ۾ اڳئين زماني ۾ جيڪي ڪاڪيون ساڙيون ويندڙيون هيون، سي شاه بلوط جون ٽي هوندڙيون هيون، هن رسم مان معلوم ٿي سگهي ٿي جا، چيو وڃي ٿو، جرمنيءَ جي گهٽن جابلو ضلعن ۾ آباد گار ماڻهو اڃا تائين ادا ڪندا آهن، جنهن موجب آهي "مڊسمر" ڏينهن تي پنهنجيءَ جهوپڙيءَ واري ياهم شاهم بلوط جي هڪ بند جي ٽڪر سان ٻاريندا آهن. بند جو اهو ٽڪر اهڙيءَ طرح ٺاهي رکيو ويندو آهي، جو آهستي آهستي دکندو رهندو آهي ۽ سال جي ختم ٿيڻ کان اڳ بلڪل سڙي رک ڪوڏ ٿي ويندو آهي. پوءِ، ٻئي سال جي "مڊسمر" ڏينهن تي، نئين بند جي ٽڪر جي رکڙ جي جاءِ ٺاهڻ لاءِ پراڻي بند جا سڙيل اڳر اڻان هٽايا ويندا آهن ۽ آن جي ڇڄ سان ملايا ويندا آهن يا باغ ۾ هر طرف ڦهلايا ويندا آهن. ائين ڪرڻ سان سمجهيو ويندو آهي ته گهر جي چلهه مٿان رڌل کاڌو جادوءَ جي اثر کان محفوظ رهندو، گهر جو بخت بالا ٿيندو، فصلن جي واڌ ۾ اضافو ايندو ۽ اهي پاري ۽ جيتن جي حملن کان محفوظ رهندا. چنانچه، هيءَ رسم "يولّ" بند واريءَ رسم سان ذري گهٽ پوريءَ طرح متوازي آهي، جو جرمنيءَ، فرانس، انگلنڊ، سربيا ۽ سلئو نسل وارن لوڪن جي ٻين ملڪن جي مختلف حصن ۾ عام طرح شاهم بلوط جي ڪاڪيءَ جو هوندو هو. چنانچه، عام نتيجو هيءَ نڪري ٿو ته انهن فصلي يا وقتي تقريبن تي قديم آريه قومون اڃا ياهم مقدس شاهم بلوط جي ڪاڪيءَ سان ٻاريندڙيون هيون ۽ انهيءَ ياهم ۾ جيڪي ڪاڪيون ساڙيون ويندڙيون هيون، سي پڻ شاهم بلوط جي وڻ جون هوندڙيون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر، جيڪڏهن انهن سنجيده سائن ۾ پاڻ هميشه شاهه بلوط جي ڪائيءَ جي پاري ويندي هئي، تہ پوءِ اُن مان هيءَ نتيجو لازمي طور اخذ ٿئي ٿو، تہ جيڪو ٻ ماڻهو وڻ جي روح جي نمائندي جي حيثيت ۾ ان ۾ ساڙيو ويندو هو، سو شاهه بلوط کان علاوه ٻئي ڪنهن ٻ وڻ جي نمائندگي ڪونہ ڪندو هوندو. مقدس شاهه بلوط کي امڙيءَ طرح ٻئيءَ حيثيت ۾ ساڙيو ويندو هو، وڻ جي ڪائي پاڻ ۾ ساڙي ختم ڪئي ويندي هئي ۽ سائس گڏ هڪ جيئري ماڻهوءَ کي شاهه بلوط جي نمائندي جي حيثيت ۾ ساڙيو ويندو هو. يورپي آرين لاءِ عام طور جيڪو نتيجو امڙيءَ طرح اخذ ڪيو ويو آهي تنهن جي انهيءَ تعلق ۾ تصديق ٿي رهي آهي، جنهن ۾ انهن ماڻهن، خاص طرح اسڪنڊينيويا جي ماڻهن، وٽ "مزلٽو" ۽ وچ اونهاري جي پاڻ ۾ صدقي جي ماڻهوءَ جو سڙڻ، هڪ ٻئي سان ٻيڻل معلوم ٿين ٿا. اسان ڏٺو آهي تہ اسڪنڊينيويا جي ماڻهن ۾ "مزلٽو" کي وچ اونهاري ۾ جمع ڪرڻ جو رواج عام رهيو آهي. پر، جيستائين انهيءَ رسم جي ظاهري صورت مان ڪجهہ نظر اچي ٿو، تيستائين ان کي وچ اونهاري جي باهين سان منسلڪ ڪرڻ لاءِ ڪابہ امڙي ڪاڻ موجود ڪانهي، جن ۾ صدقي جا ماڻهو يا سندن مجسما ساڙيا ويندا هئا. جيتوڻيڪ پاڻ اوائل ۾ هميشہ شاهه بلوط جي ڪائيءَ مان پاري ويندي هئي، جئين ممڪن ٻيو معلوم ٿئي، تہ پوءِ "مزلٽو" کي چنڻ ۽ ٻڌڻ جي ضرورت کهڙي هوندي هئي؟ وچ اونهاري ۾ "مزلٽو" گڏ ڪرڻ واري رسمن ۽ پاڻ جي مچن پارڻ جي رسم جي درميان آخرين ملائيندڙ ڪڙيءَ جو ڪم بالبدر جي ڏند ڪٿا ڪري ٿي، جنهن کي زير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحث رسمن کان مشکل ٿي منقطع ڪري سگھجي ٿو. ڏند ڪٿا ماڻ معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ "مزلٽو" ۽ شاهه بلوط جي انساني نمائندي جي درميان، جنهن کي باهه ۾ ساڙيو ويندو هو، تمام قريبي تعلق موجود سمجهيو ويندو هوندو. ڏند ڪٿا مطابق، بالڊر کي آسمان ۽ زمين جي درميان "مزلٽو" ٻوٽيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه ٿي ماري سگھي ۽ جيتري وقت تائين "مزلٽو" شاهه بلوط جي وڻ مٿان رهي، تيستائين هوءَ فقط غيرفاني هو، پر ناقابل تسخير ٿي هو. هاڻي، جيڪڏهن اسين هيءَ فرض ڪريون ته خود بالڊر ئي شاهه بلوط هو، ته پوءِ ان جي ڏند ڪٿا جو بنياد قابل فهم ٿيو پوي. "مزلٽو" کي شاهه بلوط جي زندگيءَ جو مرڪز تصور ڪيو ويندو هو ۽ جيسين ان کي ڪو ضرر ڪونه پهچايو ويندو هو، تيسين شاه بلوط کي ڪا به شيءِ ماري يا زخمي نه ڪري سگھندي هئي. "مزلٽو" کي شاه بلوط جي زندگيءَ جي مرڪز هڻڻ جو تصور، قديم النسل ماڻهوءَ جي دماغ ۾ هن گهاله جيءَ مشاهدي سبب بلڪل فطرتي طور اچي سگھي ٿو، ته حالانڪ شاهه بلوط جو وڻ انهيءَ قسم جي وڻن مان هڪ آهي، جي پنهنجا پراڻا پَنَ ڇاڏيندا آهن، ان جي باوجود "مزلٽو"، جا ان جي مٿان ايري ۽ اسري ٿي، سدا-سائي ٿئي ٿي. سياري ۾ شاه بلوط جي سڪل شاخن ۾ انهيءَ ٻوٽي جي ساون ۽ تازن پنن جي نظاري جو پوجارين طرفان هن نشانيءَ جي حيثيت ۾ خير مقدم ڪيو ويندو هوندو ته اها مقدس زندگي جنهن وڻ جي شاخن کي حيات بخشڻ جو ڪم بند ڪيو هو، سا اجا تائين "مزلٽو" ۾ اهڙيءَ طرح زنده هئي، جهڙيءَ طرح ننڊ ۾ غافل هڪ ماڻهوءَ اجي دل آنهيءَ وقت تائين ۾ ڏڪ هڻندي رهي ٿي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سندس سڄو جسم ساڪت ۽ بي حس و حرڪت آهي، چنانچه، جڏهن ديوتا کي مارٽو پوندو هو- جڏهن انهيءَ مقدس وڻ کي ساڙڻو هوندو هو- تڏهن شروعات "مزلٽو" پوٽي کي ٽوڙڻ سان ڪرڻ ضروري هئي، چاڪاڻ ته جيسين "مزلٽو" پنهنجيءَ جاءِ تي قائم هوندي، (ساڍهو ائين سمجهي پئي سگهيا) تيسين شاه بلوط جو وڻ وڍجڻ کان محفوظ هو، سندن چمڙن ۽ ڪاڙن جا سپ ڏڪ ان کي نقصان رسائڻ کان سواءِ، مڪائس ڏيڙي ويندا. پر، هڪ دفعو شاه بلوط تان سندس پاڪ دل - "مزلٽو" - وڍي جدا ڪئي ويئي ناهي، ۽ سڄي وڻ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪنڌ نوايو ناهي. ۽ جڏهن پوين دورن ۾ شاهه بلوط جي روح جي نمائندگي هڪ زنده ماڻهوءَ ذريعي ڪئي وڃڻ لڳي، تڏهن هيٺن سمجهڻ منطقي طور ضروري هو ته انهيءَ وڻ وانگر، جنهن جي شخصيت جو هو نمائندو هو، کيس ان وقت تائين نه ڪوئي ماري سگهندو ۽ نه وري کو مجروح ڪري سگهندو، جيسين "مزلٽو" صحيح سلامت رهندي. "مزلٽو" جو پڃڻ، اهڙيءَ طرح هڪ ئي وقت تي سندس موت جي نشاني ۽ ان جو سبب هو.

انهيءَ نظريي مطابق، ناقابل تسخيربالدر، "مزلٽو" جي حامل شاهه بلوط جي هڪ وڻ جي شخصيت جي نمائندي هئڻ کان سواءِ، ڪا بي شيءَ ناهي. انهيءَ مفهوم ۽ معنيٰ جي تصديق هڪ قسر جي قديم اطالوي اعتقاد مان ٿئي ٿي، ته "مزلٽو" کي نه ڪاهه ساڙي سگهندي ۽ نه پاڻي کو ضرر رسائي سگهندو، چاڪاڻ ته جيڪڏهن انهيءَ کي اهڙيءَ ريت ناس ٿيڻ جي ناقابل سمجهيو وڃي ٿو، ته پوءِ ڏاڍيءَ آساني سان هيٺن ڪو سمجهي سگهجي ٿو ته اها پوٽي پنهنجي اها خوبي انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ ڏانهن منتقل ڪندي هوندي، جنهن تي اها اسرندي هوندي، بشرطيڪ اهي هڪ ٻئي سان تبديل هونداء يا، ساڳئي نظريي کي ڏند ڪٿائي زبان ۾ وجهجي، تہ اسين ڪٽي هيٺ چئون تہ ڪيئن نہ شاهہ بلوط جي سياڇي ديوتا پنهنجي زندگيءَ کي سلامتيءَ سان، قائم ۽ دائم رهندڙ "مزلٽو" ٻوليءَ ۾ ڪٽي رکيو، جا شاخن ۾ اسرندي هئي؟ ڪيئن نہ ان ڪري جيسين "مزلٽو" پنهنجيءَ جاءِ تي قائم رهي ها، تيسين خود ديوتا ٻن هر نقصان کان محفوظ ۽ سڀرا رهي ها؟ ۽ ڪيئن نہ آخرڪار هڪ ڪار دشمن، جنهن کي ديوتا جي هرقسم جي ضرر کان ساموں ۽ محفوظ هئڻ جي راز جو پتو پئجي ويو، "مزلٽو" کي شاهہ بلوط مان ڇڻي ورتو ۽ اهڙيءَ طرح هن ديوتا کي ماري وڌو ۽ پوءِ ديوتا جي جسم کي اهڙيءَ ٻاهہ ۾ ساڙيو، جا مٿس ان وقت تائين ڪوبہ اثر نہ ڪري سگهي ها، جيسين اڃ- سڙندڙ مزلٽو وڻ جي شاخن جي درميان پنهنجي اصلوڪيءَ جاءِ تي قائم رهي ها.

پر، جيئن تہ هڪ اهڙيءَ هستيءَ جو نظريو، جنهن جي زندگي اهڙيءَ طرح، هڪ مفهوم ۾، ٻاڻ کان ٻاهر آهي، گهڻن پڙهندڙن اڳيان عجيب ۽ غريب هوندو ۽ جو، درحقيقت قديم وهم پرستيءَ جي بنياد تي سندس مڪمل مفهوم ۾ اڃا تائين پوريءَ طرح شناخت نہ ڪيو ويو آهي، ان ڪري ان کي روايت ۽ رسمن مان گهڻيل مثالن ذريعي واضح ڪرڻ قابل قدر ڪوشش ٿيندي، ان جو نتيجو هن گالهہ کي ثابت ڪرڻ ٿيندو تہ انهيءَ نظريي کي "مزلٽو" سان بالڊر جي تعلق هئڻ جي معنيٰ جي حيثيت ۾ تسليم ڪري، آءٌ هڪ اهڙو اصول تسليم ڪريان، جو قديم النسل انسان جي دل و دماغ تي گهرو اثر ريل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چاهٽون

لوڪ ڪٿا ۾ خارجہ روح

هن ڪتاب جي اڳئين حصي ۾ اسان ڏٺو تہ قديم النسل ماڻهن جي راءِ ۾ روح، موت آڻ ڪان سواءِ، عارضي طور جسم کان جدا ٿي سگهي ٿو. روح جي اهڙين عارضي غيرحاضرين کي ڪافي حد تائين خطري جو باعث سمجهيو ويندو آهي؛ چاڪاڻ تہ گشتي روح کي سندس دشمنن وغيره جي طرفان مختلف قسمن جي خطري جو انديشو رهي ٿو. پر روح کي سندس جسم کان عاجده ڪرڻ جي طاقت جو هڪ پيو رخ ب آهي. روح جي غيرموجودگيءَ جي دوران ۾، جيڪڏهن ان جي سلامتيءَ سٽعلق فقط خاطري ٿي سگهي، تہ پوءِ ڪوبہ اهڙو سبب ڪونهي، جنهن جي ڪري روح کي غيرمعين عرصي تائين غيرحاضر رهڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي؛ درحقيقت، ماڻهو محض پنهنجيءَ شخصي سلامتيءَ جي لحاظ کان هيءَ خواهش ڪري سگهي ٿو تہ سندس روح ڪڏهن ب، پنهنجي جسم ڏانهن واپس نہ موٽي؛ زندگيءَ کي "جوش و خروش ۽ حس و حرڪت جي مستقل امڪان" يا "اندروني انتظامن جي خارجي تعلقات ڏانهن دائمي مطابقت" جي غيرمخصوص حيثيت ۾ تصور نہ ڪري سگهڻ سبب، وحشي انسان ان کي ظاهري حواسن ذريعي محسوس ٿيندڙ مقرر وزن واري هڪ اهڙي مادي شيءَ تصور ڪري ٿو، جنهن کي اکين سان ڏسي ۽ هٿن سان ڇهي سگهجي ٿو. ڪيس صندوق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا دلي ۾ بند ڪري محفوظ ڪري سگھجي ٿو، ۽ ان کي زخمي ڪري، ٽوڙي پرزه پرزه ڪري سگھجي ٿو. اهو ڪو ضروري ناهي ته اهڙيءَ طرح تصور ڪيل زندگي هرو پرو ماڻهوءَ اندر هجي، اهو سندس جسم کان غير حاضر رهندي به، منجهس هڪ قسم جي هر آهنگيءَ، يا دوريءَ تان ڪم ڪرڻ جي طاقت ذريعي جان وجهي سگھي ٿو. جيسين اها شيءَ، جنهن کي هو پنهنجي زندگي يا روح سڏي ٿو، صحيح سلامت رهي ٿي، تيسين ماڻهو خوش آهي، جيڪڏهن ان کي ڪو ضرر پهچي ٿو، ته هن کي تڪليف ٿئي ٿي، جيڪڏهن ڪيس ناس ڪيو وڃي ٿو، ته ان حقيقت جي هيئن سمجهاڻي ڏني وڃي ٿي ته انهيءَ مادي شيءَ کي، جنهن کي هن جي زندگي يا روح سڏيو وڃي ٿو، خواه اهو سندس جسم اندر موجود هجي يا ڪائنس ٻاهر، يا ته ڪو نقصان پوڄايو ويو آهي يا ڪيس ناس ڪيو ويو آهي. پر ڪي اهڙيون حالتون به ٿي سگھن ٿيون جن ۾، جيڪڏهن زندگي يا روح ماڻهوءَ اندر موجود رهي ته ڪيس انهيءَ حالت ۾ نقصان پهچڻ جو بيءَ حالت کان زياده انديشو رهي ٿو، جنهن ۾ ان کي ڪنهن محفوظ ۽ پوشيده جاءِ ۾ حفاظت سان لڪائي رکجي. چنانچه، اهڙين حالتن ۾، قديم النسل ماڻهو پنهنجي روح کي ٻاهر ڪڍي، سلامتيءَ خاطر ڪنهن لڪل جاءِ ۾ ڪٽي رکي ٿو ۽ خطري جي ٽري وڃڻ کان پوءِ، ڪيس هڪدم پنهنجي جسم اندر دوباره داخل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. يا جيڪڏهن هو مڪمل سلامتيءَ واري ڪا جاءِ ڳولي سگھي، ته هو پنهنجي روح کي مستقل طور اتي ڇڏي ڏيڻ لاءِ راضي رهي ٿو. ان مان هيءَ فائدو آهي ته جيتري وقت تائين سندس روح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جاءِ ۾ سلامت رهي ٿو، جنهن ۾ ان کيس رکيو آهي، اوتري وقت تائين اهو ماڻهو بذات خود لافاني رهي ٿو، ڪابه شيءِ ان کي ماري نٿي سگهي، چاڪاڻ ته سندس زندگي ان ۾ آهي ئي ڪانه.

انهيءَ قديم اعتقاد جي ثابتي لوڪ-ڪٿائن جي هڪ اهڙي طبقي سان مهيا ٿئي ٿي، جنهن جو "اهو ديو، جنهن جي جسم اندر دل ئي ڪانه هئي"، وارو نارس قسم وارن جو قصو شايد سڀني کان زياده مشهور مثال آهي. انهيءَ قسم جا افسانا سڄيءَ دنيا ۾ عام جام ڦهليل آهن ۽ انهن جي واقعن ۽ تفصيلن جي تعداد ۽ مختلف نمونن سان، جن ۾ انهن جو مکيه نظريو ۽ خيال سمايل ٿئي ٿو، اسين هيءَ انوسان ڪڍي سگهون ٿا ته خارج روح جو تخيل اهڙو آهي، جنهن جو ماڻهن جي دلين سان تاريخ جي تمام اوائلي زماني کان وٺي طاقتور قبضو رهندو آيو آهي. چاڪاڻ ته لوڪ-آکاڻيون دنيا جو، جيئن اڳ قديم النسل ماڻهوءَ کي نظر ايندي هئي، سچو ۽ صحيح عڪس آهن، ۽ انسان کي خاطري رکڻ گهرجي ته کوڙ خيال، جو انهن ۾ عام طرح موجود ڏسو وڃي ٿو، خواه اهو انسان جي نظرن ۾ ڪيتري قدر بي نامعقول ۽ بيهوده هجي، ڪنهن زماني ۾ رواجي طور ايمان جو هڪ رکن هوندو. انهيءَ خاطريءَ جي، جيستائين ان جو واسطو روح کي ڏوري يا گهٽي عرصي تائين جسم کان جدا ڪرڻ جي موهوم طاقت سان آهي، زير بحث لوڪ-آکاڻين جي وحشين جي سچن پچن اعتقادن ۽ رواجن سان پيٽ ڪرڻ ذريعي ڪافي حد تائين تصديق ٿئي ٿي. انهن جي طرف اسين ان کان بعد واپس ورنداسون، جڏهن انهن قصن جا ڪي نمونا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا سون. قصن جا اهي نمونا، هن طبقي جي آکاڻين جي پنهي خصوصي نشانين ۽ سندن دور دور تائين ڦهليل کي مثالن ذريعي واضح ڪرڻ جي نقطہ نگاہ کان منتخب ڪيا ويندا.

سڀ کان اول، خارج روح جي گهالهه، هندستان کان ولي هيبرائيڊس تائين سڀني آريه قومون ٻڌائيندڙ آهن. ان جو عام نمونو هي ۽ هوندو آهي: ڪو جادوگر، ديو، يا پرين جي ملڪ جي ڪا بي هستي ناقابل تسخير ۽ لافاني هوندي آهي، جاکاڙ ته هن پنهنجي روح کي دور ڪنهن ٻئي کل جاءِ تي پوشيده ڪري رکيو آهي، پر هڪ خوبصورت شهزادي، جنهن کي هن پنهنجي مسحور قلعي ۾ قيد ڪري رکيو آهي، جالاکي ڪري ڪائنس سندس راز معلوم ڪري وٺي ٿي ۽ ان جو انڪشاف پنهنجي هيرو اڳيان ڪري ٿي، جو جادوگر جي روح، دل، زندگيءَ يا موت (جيئن ان کي انهن مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي) جي جستجو ڪري ٿو ۽ ان کي ناس ڪرڻ سان گڏ و گڏ، جادوگر کي به ماري ڇڏي ٿو. چنانچ، هندن ۾ جي هڪ آکاڻيءَ ۾ چيو ويو آهي ته ڪيئن نہ پنڇڪن نالي هڪ جادوگر هڪ راڻيءَ کي پارهن سالن تائين قيد ڪري رکيو هو ۽ سائس شادي ڪرڻ لاءِ تيار هو، پر هوءَ کيس ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. آخرڪار، راڻيءَ جو پٽ کيس آزاد ڪرائڻ لاءِ اتي پهتو ۽ پنهي ڇڻ گڏجي پنڇڪن کي مارڻ جي سازش ڪئي. ان ڪري راڻيءَ جادوگر سان سهڻا ٻول ٻولیا ۽ هن گهالهه جو ڏونگ ڪيو ته هن آخرڪار سائس شادي ڪرڻ تي دل ڏني هئي. "ڪنهن کي هيءَ گهالهه ضرور ٻڌاءِ"، راڻيءَ چيو. "ته چا، تون بلڪل لافاني آهين؟ چا، موت توکي ڪڏهن به نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهي سگهندو؟ ۽ چا، تون ايڏو وڏو جادوگر آهين، جو انساني دک درد جو توکي ڪو احساس ئي ڪونہ ٿيندو؟" "ها، اهو سچ آهي"، هن چيو، "تہ آءٌ اڻين نہ آهيان، جيئن پيا آهن، دور، تمام دور، سوين، هزارين ميل هتان کان پري، هڪ ويران ملڪ آهي، جو گهاٽي پيلي سان ڍڪيو پيو آهي. جهنگ جي وچ ۾ ڪجين جي وڻن جو هڪ گول جهنڊ آهي ۽ انهيءَ جهنڊ جي وچ ۾ پاڻيءَ سان پريل ڇهہ، چاڊيون، هڪ پئي ٻٽان رکيل آهن، جهينءَ چاڊيءَ هيٺان هڪ ننڍڙو پنجرو رکيل آهي، جنهن ۾ هڪ ننڍڙو سائو طوطو ويٺل آهي، - طوطي جي زندگيءَ تي، منهنجيءَ زندگيءَ جو دارومدار آهي، - ۽ جيڪڏهن طوطي کي ماريو ويندو، تہ مون کي بہ مرڻو پوندو. "بهر حال" هن وڌيڪ گالهائيندي چيو، "نامڪن آهي، جو طوطي کي ڪو نقصان رسي، جنهن جو سبب هيءَ آهي تہ هڪ تہ انهيءَ ملڪ جي نوعيت اهڙي آهي، جو اهو ناقابل عبور آهي ۽ پيو تہ منهنجي حڪم سان هزارين جين ڪجين جي وڻن جي چوڌاري گهيرو وجهي بيٺا آهن ۽ اهڙن سڀني ماڻهن کي ماري چڏين ٿا، جي ان جاءِ جي قريب وڃڻ جي جرئت ڪن ٿا." پر راڻيءَ جي نوجوان پٽ انهن سڀني دشوارين کي ڪاميابيءَ سان عبور ڪيو ۽ انهيءَ طوطي کي فبضي ۾ آندو. هو ان کي جادوگر جي محلات جي دروازي وٽ کڻي آيو ۽ هُن ساٽس راند ڪرڻ شروع ڪئي. پنجڪن جادوگر اها ڪارروائي ڏسي ورتي ۽ باهر اچي، چوڪري کي هن لاءِ آماده ڪرڻ لڳو تہ هو اهو طوطو سندس حوالي ڪري. "مون کي پنهنجو طوطو ڏي"، پنجڪن رڙ ڪري چيو. پوءِ تہ چوڪري طوطي کي پڪڙي سندس پرن سان هڪ ٽوڙي چڏيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جيئن ئي هن ائين ڪيو، تيئن جادوگر جي ساڃي ٻانهن ٽٽي ڪري پيئي. پنڇڪن ان کان پوءِ پنهنجي ڏاڙي ٻانهن ڏ ڪهيڙي، رڙ ڪئي، "مون کي منهنجو طوطو ڏي!" چوڪري طوطي جو ٻيو ڪنپ پٽي ڇڏيو ۽ جادوگر جي ڏاڙي ٻانهن پري وڃي ڪري. "مون کي ڏي منهنجو طوطو!" هن رڙ ڪئي ۽ گوڏن پر ڪري پيو. شهزادي طوطي جي ساڃي ٽنگ پٽي ڇڏي ۽ جادوگر جي ساڃي ٽنگ ڪري پيئي، شهزادي طوطي جي ڏاڙي ٽنگ پٽيي، ته جادوگر جي ڏاڙي ٽنگ ڪري پيئي. هن جي ڏڙ ۽ مٿي کان علاوه باقي ڪجهه به ڪونه رهيو، پر اڃا به هن پنهنجيون اکيون ڦيرايون ۽ رڙ ڪري چيائين، "مون کي منهنجو طوطو ڏي!" "جگو پلا، وٺ پنهنجو طوطو"، چوڪري واڪو ڪري چيو، ۽ ائين چئي، هن پکيءَ جي ننڍي وٽي مروڙي ۽ ڪيس جادوگر مٿان ڪٽي اڇلايو، ۽ جئين ئي هن ائين ڪيو، تئين پنڇڪن جي گردن مروڙ و ڪاڏو ۽ هو هڪ درد ناڪ ۽ ڀوائتي دانهن ڪري، مري ويو! هندن جي هڪ ٻيءَ ڳالهه ۾، هڪ ديو کان سندس ڏيءَ ٽي دريافت ڪري، ته "ابا، تون پنهنجي روح کي ڪٿي رکندو آهين؟" "هن جاءِ کان سورهن ميل دور،" هن جواب ڏنو، "هڪ وڻ ٻيٺل آهي. وڻ جي چوڏاري چيتا، رڇ، وڇون ۽ نانگ آهن، وڻ جي چوٽيءَ تي هڪ تمام وڏو، ٽلهو نانگ ويٺو آهي. سندس مٿي تي هڪ ننڍو پنجرو رکيو آهي، پنجري اندر هڪ پکي آهي ۽ انهيءَ پکيءَ اندر منهنجو روح آهي." ديو جو انجام پهرينءَ آکاٽيءَ واري جادوگر وانگر آهي. جئين ئي پکيءَ جا ڪنپ ۽ ٽنگون پٽيون وڃن ٽيون، ٽئين ئي ديو جون ٻانهون ۽ ٽنگون هيٺ ڪرن ٽيون ۽ جڏهن سندس سسي مروڙي وڃي ٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن هو مري وڃي ٿو، هڪ بينگالي آڪاڻيءَ ۾ چيو ويو آهي ته سپ ديو سلون ۾ رهندا آهن ۽ انهن سيني جون زندگيون هڪ ئي ليمي اندر هوندي يون آهن. هڪ ڇوڪرو ليمي کي جو وڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو، ته سپ ديو مري ٿا وڃن.

سيام يا ڪمبوڊيا جي هڪ آڪاڻيءَ ۾، جا شايد هندستان سان ورتي وئي آهي، اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته ٽوساڪان، يا راوڻا، سلون جو بادشاهه، جنگ تي رواني ٿيڻ وقت، جادوءَ جي طاقت سان پنهنجي جسم مان پنهنجي روح کي باهر ڪڍي، ڪيس صندوق اندر بند ڪري، گهر ۾ رکي سگهندو هو. چنانچ، جنگ جي دوران ۾ مٿس ڪوبه وار اثر ڪونه ڪري سگهندو هو. جڏهن هو رام سان جنگ ڪرڻ وارو هو، تڏهن هن پنهنجي روح کي هڪ جوگيءَ وٽ، جنهن جو نالو "باهم جي اک" هو، امانت رکيو، جنهن کي اهو هن لاءِ محفوظ رکڻو هو. چنانچ، رام هيءَ ڳالهه ڏسي سخت حيران ٿيو ته سندس تير راجا کي برابر پئي لڳا، پر اهي ڪيس ڪوبه زخم نه ٿي رسائي سگهيا. پر رام جي هڪ ساٿيءَ، جنهن کي راجا جي انهيءَ خوبيءَ جي ڄاڻ هئي، پاڻ کي جادوءَ جي ذريعي راجا جي صورت ۾تبديل ڪيو ۽ جوگيءَ وٽ وڃي، ڪانئس پنهنجو روح واپس گهريو. روح حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هو مٿي هوا ۾ اڏاميو ۽ رام ڏانهن ويو، رستي ۾ هو روح واريءَ صندوق کي لوڏائيندو ويو ۽ هُن ان کي ايتري زور سان دٻايو، جو سلون جي بادشاهه جو دم گهٽجي ويو ۽ هو مري ويو. هڪ بينگالي ڳالهه ۾ هڪ شهزادي، دور دراز ملڪ جي سفر اختيار ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي پيءُ جي محلات جي اڳڻ ۾ پنهنجن هٿن سان هڪ وڻ پوکيو ۽ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والدين کي چيو، تہ "هيءَ وڻ منهنجي زندگي آهي، جڏهن اوهين هن وڻ کي تازو ۽ سائو ڏسو، تہ چاڻجو تہ آءٌ چگو ۽ ٻلو آهيان ۽ جڏهن وڻ جي ڪجهہ حصن کي ڪوهاڙيل ڏسو، تڏهن چاڻجو تہ آءٌ مري ويو آهيان." هندستان جي هڪ ٻيءَ آڪاڻيءَ ۾ هڪ شهزادي سفر تي وڃڻ وقت، پنهنجي ٻانهن جَوَن جو هڪ ٻوٽو ڇڏيو ۽ ان سان گڏ پنهنجن ماڻهن کي هيءَ هدايتون ڪيون تہ اهي ان کي خبرداريءَ سان نهائين ۽ ان جي جاچ ڪندا رهن، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو سائو رهيو، تہ هو جيئرو ۽ چاڪ هوندو، پر جيڪڏهن ان جي چوٽي هيٺ ڪري، تہ پوءِ ڪيس ڪوبہ حادثو درپيش اچڻ وارو هوندو. اهڙيءَ طرح، اهو ٻوٽو هڪ ڏينهن هيٺ ڪري ڏيو، چاڪاڻ تہ شهزادي جو سر قلم ڪيو ويو هو ۽ جيڪڏهن سندس سسي هيٺ ڪري، تہ جَوَن جو ٻوٽو ٽڪاءُ ڪري ۽ اڏي ڏيو ۽ جَوَن جو سنگ هيٺ زمين تي اڇي ڪريو.

يوناني قصن، قديم خواه جديد ۾، خارج روح جو نظريو غير معمولي ناهي. جڏهن سيليگر اڃا ستن ڏينهن جو هو، تڏهن "قسمتون" ان جي ماءُ وٽ اچي حاضر ٿيون ۽ ڪيس چيائون تہ سيليگر ان وقت مرندو، جڏهن چلهہ ۾ برندڙ بندي سڙي رک ٿي ويندي. چنانچہ، سندس ماءُ اها بندي باهہ مان ڪڍي ورتي ۽ ان کي صندوق ۾ محفوظ ڪري رکيو. پر ٻوين سالن ۾ پنهنجي پٽ تي سندس پائرن کي قتل ڪرڻ سبب ڪاوڙجي، هن اها بندي باهہ ۾ ڪٽي ساڙي ۽ سيليگر عذاب سهندي، سهندي مري ويو، جڏهن تہ باهہ جا شعلا سندس آندن گوندن کي ساڙي رهيا هٿا. وري، سيگارا جي بادشاهہ نائسس کي، سندس مٿي جي عين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ تي قرمزي يا سونهري رنگ جو هڪ وار هو ۽ سندس قسمت ۾ هن ڪالهه جو فيصلو ڪيل هو ته جڏهن به اهو وار پٽيو ويندو، تڏهن بادشاه مري ويندو. جڏهن ميگارا جو ڪريٽ وارن محاصرو ڪيو، تڏهن بادشاه جي ڌيءَ، سائلا، انهن جي بادشاه، مينوس، سان محبت ڪرڻ لڳي ۽ هن پنهنجي پيءُ جي مٿي مان اهو موتمار وار پٽي ڪڍيو. اهڙيءَ طرح هو مري ويو. هڪ جديد يوناني لوڪ-آکاڻيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ جي طاقت سندس مٿي جي ٽن سونهري وارن ۾ رکيل ڏيکاري ويئي آهي. جڏهن سندس ماءُ اهي وار پٽي ڇڏي ٿي، تڏهن هو ڪمزور ٿيڻ لڳي ٿو ۽ پنهنجن دشمنن هٿان مارجي وڃي ٿو. هڪ بيءَ جديد يوناني آکاڻيءَ ۾ هڪ جادوگر جي زندگي ٽن گيرن سان وابسته ڏيکاري ويئي آهي، جي هڪ جهنگلي سوئر جي پيٽ اندر ويڙل آهن. جڏهن پهريون گيرو ماريجي وڃي ٿو، تڏهن جادوگر ڪمزور ٿئي ٿو، جڏهن ٻيو گيرو مري ٿو، تڏهن هو تمام سخت بيمار ٿي پوي ٿو، ۽ جڏهن ٽيون گيرو مري ٿو، تڏهن جادوگر به مري وڃي ٿو. هڪبيءَ جديد يوناني ڪالهه ۾، هڪ ديو جي طاقت ٽن ڪائينڊڙ پکين ۾ رکيل ڏيکاري ويئي آهي، جي هڪ جهنگلي سوئر ۾ رکيل آهن. آکاڻيءَ جو هيرو ٻن پکين کي ماري ٿو ۽ پوءِ ديو جي گهر اچي ٿو، جتي هو ڪيس سخت درد ۾ مبتلا ٿيل ۽ زمين تي ڪريل ڏسي ٿو. هو ٽيون پکي ديو کي ڏيکاري ٿو، جو ڪيس عرض ڪري ٿو ته هو مهرباني ڪري يا ته ان کي اڏائي ڇڏي يا ڪيس کائڻ لاءِ ڏي. پر هيرو پکيءَ جي گردن مروڙي ٿو ۽ ديو اتي جو اتي هڪدم مري ٿو.

"الادين ۽ طلسمي بتي" جي جديد رومي ترجمي ۾ جادوگر، جنهن شهزاديءَ کي وچ سمنڊ ۾ هڪ ترندڙ جبل تي قيد ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو آهي، شهزادي ۽ کي ٻڌائي ٿو ته هو ڪڏهن ۾ نه مرندو. شهزادي اها ڳالهه پنهنجي مڙس شهزادي کي ٻڌائي ٿي، جو کيس چڏائڻ لاءِ اتي آيو آهي. شهزادو جواب ڏئي ٿو، "اهو ته ناممڪن آهي، پر ڪا هڪ يا ٻي شيءِ ان لاءِ سهڪ هڻڻ گهرجي، ڪائنس پڇ ته اها هڪ سهڪ ڏئي ڪهڙي آهي." چنانچ، شهزادي ۽ جادوگر کان دريافت ڪيو، جنهن کيس ٻڌايو ته هڪ وڏي ازدها آهي، جنهن کي ست ٻٽا آهن. ازدها جي وچين ٻٽي ۾ سهڙ جو هڪ سال جي عمر جو ٻچو ويٺل آهي، سهڙ جي ٻچي جي ٻٽي ۾ هڪ ڪڪي آهي، ڪڪي ۽ جي ٻٽي ۾ هڪ قيمتي پٿر آهي ۽ جيڪڏهن اهو پٿر سندس وهائي هيٺان رکيو ويندو، ته هو مري ويندو. شهزادي اهو پٿر دستياب ڪيو ۽ شهزادي ۽ ان کي جادوگر جي وهائي هيٺان رکيو. جيئن ئي جادوگر پنهنجو منهن وهائي تي رکيو، تيئن ئي هن ٽي خوفناڪ رڙيون ڪيون، پاڻ کي ٽي ٻيرا هيڏانهن هوڏانهن ڦيرا ڏنا ۽ مري ويو.

اهڙي ئي قسم جون آڪاٽيون سلئونسل جي قومن ۾ عام جام ڦهليل آهن. چنانچ، هڪ روسي آڪاڻي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن نه "ڪوشچي - بي سوت" نالي هڪ جادوگر هڪ شهزادي ۽ کي کٽي ويو ۽ کيس پنهنجي سوني ڪلعي ۾ قيد ڪري رکيو. بهرحال، هڪ ڏينهن جيئن اها شهزادي ڪلعي جي باغيچي ۾ تنها ۽ افسرده حالت ۾ چهل قدمي ڪري رهي هئي، تيئن هڪ شهزادو وٽس اچي نڪتو ۽ شهزادي هن سان گڏ فرار ٿيڻ جي اميد سبب خوش ٿي، جادوگر وٽ ويئي ۽ کيس ڪوڙن ۽ خوشامدي لفظن سان راضي ڪري، چيائين، ته "اي منهنجا محبوب، براه نوازش هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ، ته تون ڪڏهن ۾ نه مرندين؟" "يقيناً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ" هو چوس ٿو، "چگو پلا"، هوءَ پڇيس ٿي"، تنهنجو موت ڪٿي آهي؟ چا، اهو تنهنجي قياسگاه ۾ رکيل آهي؟" "يقين ڪ، تہ اهو اتي ئي آهي"، هو چوي ٿو، "اهو چانئٽ جي هيٺان رکيل ٻوهاريءَ ۾ رکيل آهي." چنانچہ، شهزاديءَ ٻوهاري ڪٽي باهہ ۾ اڇلائي، پر جيتوڻيڪ ٻوهاري باهہ ۾ سڙي ويئي، تہ بہ بي-موت ڪوشجي جيئرو رهيو، ايتري قدر، جو سندس جسم جي هڪ وار کي بہ سيڪ ڪونہ آيو. پنهنجيءَ پهرينءَ ڪوشش ۾ ناڪام ٿي، چالاڪ چوريءَ چَپَ ڪيي چيو، "توکي سون سان سچي محبت ڪانهي، چاڪاڻ تہ تو سون کي سچي ڳالهہ ڪانہ ٻڌائي آهي تہ تنهنجو موت کهڙيءَ جاءِ تي آهي، ان جي باوجود، آءٌ تو سان ڪاوڙيل نہ آهيان ۽ توکي دل وجان سان محبت ڪريان ٿي." اهڙن دلبراڻ لفظن سان هن جادوگر کي منٽ ميڙ ڪري، ڪانئس دريافت ڪيو تہ سندس موت سچ پچ ڪٿي رکيل هو. ان تي هو ڪليو ۽ پڇيائين، "تہ تون اها ڳالهہ چو ٿي معلوم ڪرڻ چاهين؟ چگو پلا تنهنجيءَ محبت جي صدقي آءٌ توکي ٻڌايان ٿو. هڪ ٻنيءَ ۾ ٿي ساوا شاهہ ٻلوط جا وڻ ٻيٺل آهن ۽ سيني ڪان وڏي شاهہ ٻلوط جي وڻ جي پاڙن هيٺان هڪ جيت ويٺو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت انهيءَ جيت کي ڦاسائي چٽيو وڃي، تہ آءٌ هڪدم مري ويندس." جڏهن شهزاديءَ اهي الفاظ ٻڌا، تڏهن هوءَ هڪدم پنهنجي عاشق وٽ ويئي ۽ ڪيس سچي روئداد سڻائي، هن جستجو شروع ڪئي، تانجو هن شاهہ ٻلوط جا اهي وڻ ڳولي هٽ ڪيا ۽ انهيءَ جيت کي ڏونڊيي، چٽي چڏيو. پوءِ هو تمام تيزيءَ سان جادوگر جي قلع جي ڏانهن ويو، پر شهزاديءَ مان معلوم ٿيس تہ جادوگر اڃا تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئرو هو. پوءِ، هن وري کوشچيءَ جي خوشامد ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هن دفعي، سندس حرفتن کان متاثر ٿي، هن پنهنجو راز سندس اڳيان واشگاف ڪيو ۽ ڪيس سڄيءَ حقيقت کان آگاه ڪيو. "منهنجو موت، هتان کان تمام دور، بحر عظيم ۾، تمام دشواريءَ سان دستياب ٿيندڙ آهي. انهيءَ سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ آهي ۽ انهيءَ ٻيٽ تي هڪ سائو شاهم بلوط جو وڻ ٻڌل آهي ۽ شاهم بلوط جي هيٺان هڪ ٽوڪرو رکيو آهي ۽ ٽوڪري اندر هڪ سهو آهي، سهي ۾ هڪ بدڪ آهي ۽ بدڪ اندر هڪ آنو آهي، جيڪو به اهو آنو کولي هٽ ڪندو ۽ ان کي ٽوڙيندو، سو بلڪل ساڳي وقت مون کي به ماري ڇڏيندو." شهزادي بلڪل فطرتي طور اهو موتمار آنو دستياب ڪيو ۽ ان کي هٿ ۾ جهليو، بي-موت جادوگر جي مقابلي ڪرڻ لاءِ، سندس سامهون ٿيو. ديو جيڪر ڪيس هڪدم ماري وجهي ها، پر شهزادي آني کي زور سان نيپوڙڻ شروع ڪيو، جنهن تي جادوگر درد وچان دانهن ڪئي ۽ بي وفا شهزاديءَ ڏانهن منهن ڦيرائي، جا ان وقت ناز سان مشڪي رهي هئي، ڪيس چيو ته "چا، اهو تنهنجيءَ محبت صدقي نه هيو، جو مون توکي هيءَ ڳالهه ٻڌائي ته منهنجو موت ڪٿي آهي؟ ۽ چا، ان لاءِ تون مون کي هيءَ ٿي بدلو ڏين؟" ائين چئي، هن پنهنجيءَ ترار ۾ وجي هٽ وڏو، جا ميخ ۾ سامهون واريءَ ديوار ۾ لٽڪيل هئي، پر هن جي اتي پهچڻ کان اڳ ئي شهزادي آني کي چٽي ڇڏيو ۽ يقيني طور بي-موت جادوگر ساڳي وقت موت جو مشاهدو ڪيو." ڪوشچيءَ جي موت جي هڪ بيان ۾ چيو ويو آهي ته هن جو موت انهيءَ پراسرار آني جي ڏڪ سبب واقع ٿيو، جو ڪيس پيشانيءَ تي اچي ڏڪاءُ ٿيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جادوءَ جي زنجير جي آخرين ڪڙي آهي، جنهن سان سندس زندگي هڪ پراسرار نموني سان ٻڌل آهي. ساڳيءَ آڪاٿيءَ جي هڪ ٻئي داستان ۾، جا هڪ نانگ جي آهي، آخرين موتمار ڏڪ هڪ ننڍڙي پٿر سان هنيون ويو آهي، جو هڪ آني جي زرديءَ سان لڏو ويو آهي، جو هڪ بدڪ اندر آهي، جا سهڙ اندر آهي، جا هڪ پٿر ۾ آهي، جو هڪ بيٽ تي پيل آهي."

ٽيوٽانڪ نسل جي ماڻهن ۾ ٻ، خارج روح جا قصا ڪي اڻ لڀ ناهن. ٽرانسلوانيا ۾ آباد، سڪسن نسل وارن ماڻهن ۾، چيو وڃي ٿو، هڪ نوجوان ماڻهوءَ هڪ ڏاڻڻ ڪي وري وريءَ گولين هنيون. گولين سڌيون سندس جسم ۾ گهڙي ويئون، پر انهن ڪيس ڪوبه ضرر ڪونه رسايو ۽ هوءَ مٿس ٽنوليون ڪندي ۽ ڪلندي رهي. "منهنجا ڇهيلا ڪينئان،" هن رڙ ڪري چيس، "جيترو چاهين، اوترين گولين هڻ. مون کي اهي ڪوبه نقصان ڪرڻ پهچائيندين. چاڪاڻ ته توکي معلوم هجي گهرجي ته منهنجو روح مون ۾ نه ٿو رهي، پر اهو دور، تمام دور، سڪونت پذير آهي. هڪ جبل تي هڪ تلاءَ آهي، تلاءَ ۾ هڪ بدڪ تري ٿي، بدڪ ۾ هڪ آنو آهي، آني اندر هڪ جوت ٻيٺي جلي ۽ اها جوت آهي منهنجي زندگي. جيڪڏهن تون اها روشنائي گل ڪري سگهين، ته منهنجيءَ زندگيءَ جو خاتمو آهي. پر ائين ڪڏهن به نه، هرگز نه ٿي سگهندو."

بهرحال، نوجوان آنو وڃي هٿ ڪيو، ان کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪيو ۽ ان ۾ رکيل روشنائي وسائي ۽ ان سان گڏو گڏ ڏاڻڻ جي زندگيءَ جو چراغ به گل ٿي ويو. جرمنيءَ وارن جي هڪ قصي ۾ هڪ ديو، جنهن جو نالو "روح بنان بدن يا بي روحو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيو، پنهنجي روح کي هڪ صندوق اندر رکي ٿو، جا بحر احمر جي وچ ۾ هڪ جبل تي رکي آهي. هڪ سپاهيءَ کي اها صندوق هٿ لڳي ٿي، جو اها کڻي "بي روحي" وٽ اچي ٿو، جو کيس سندس روح واپس ڏيڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪري ٿو. پر سپاهي صندوق کولي ٿو، سندس روح کي باهر ڪڍي ٿو ۽ پنهنجي مٿي پٺيان اڇلائي ٿو۽ ساڳي ئي دم ۾، ديو دم ڏيئي، هيٺ ڪري ٿو.

جرمنيءَ جي هڪ ٻيءَ ڳالهه ۾ هڪ پوڙهو جادوگر هڪ دوشيزه سان تن تنها هڪ اڌاڻ ۽ ويران جهنگ ۾ رهي ٿو. چوڪريءَ کي ڊپ لڳي ٿو ته پوڙهي هٿ سبب، هو ڪنهن بہ وقت مري سگهي ٿو ۽ کيس ٻيلي ۾ اڪيلو ڇڏي ويندو. پر هو کيس مطمئن ڪري ٿو، ته "پياري چوڪري آءٌ نہ ٿو مري سگهان، جو منهنجي سيني ۾ دل ڪانهي." پر هن سندس اڳيان اصرار ڪري، کيس هن ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ آماده ڪيو ته سندس دل کڻي هٿي. چنانچہ، هن کيس ٻڌايو ته، "هتان کان دور، تمام دور، هڪ نامعلوم ۽ ويران ملڪ ۾ هڪ وڏي ديول ٻيٺل آهي. ديول فولادي دروازن سان بلڪل چڱيءَ طرح محفوظ ٿيل آهي ۽ ان جي چوڌاري هڪ ويڪري ۽ اونهي پاڻيءَ سان ڀريل خندق آهي. ديول اندر هڪ پکي ٻيو اڏامي، ۽ پکيءَ اندر منهنجي دل آهي. جيسين اهو پکي زنده رهندو، تيسين آءٌ جيئرو هوندس. اهو بذات خود نہ ٿو مري سگهي ۽ ڪوبہ ماڻهو ڪيس قائل نہ ٿو سگهي، ان ڪري آءٌ نہ ٿو سمجهان ۽ تو کي ڪوبہ فڪر نہ ڪرڻ گهرجي." بهر حال، اهو نوجوان، جو انهيءَ دوشيزه کي جادوگر جي اغوا ڪرڻ کان اڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪنوار ڪرڻ وارو هو، سو ڪنهن حيلي سان انهيءَ ديول ۾ پهچي ويو ۽ پڪيءَ کي قابو ڪرڻ ۾ ڪاميابَ ٿيو. پوءِ هو انهيءَ پڪيءَ کي ڪٽي دوشيزه وٽ ويو، جنهن نوجوان ۽ پڪيءَ کي جادوگر جي بستري هيٺان ڪٽي لڪايو. جلد ئي پوڙهو جادوگر گهرڙانهن موٽيو. هو بيمار هو، جڏهن هن چوڪريءَ کي پنهنجيءَ بيماريءَ جي خبر ڏني، تڏهن هوءَ روئڻ لڳي ۽ چيائين، تہ "افسوس، ابا مري رهيو آهي". آخرڪار سندس دل سندس سيني اندر ئي آهي."

"چوڪري"، جادوگر وراڻيو، "پنهنجي زبان کي روڪ. آءٌ هرگز نہ ٿو مري سگهان. اها حالت جلد ئي دفعي ٿي ويندي." انهيءَ تي بستري هيٺان ويٺل نوجوان پڪيءَ کي ٻوروَ ڇيهاڙيو، جيئن ئي هن اڻين ڪيو، تيئن پوڙهو جادوگر ڏاڍو ناچاڪ ٿي، هيٺ ويهي رهيو. پوءِ نوجوانِ ماڻهوءَ پڪيءَ کي اڃا زياده سختيءَ سان پڪڙيو ۽ عين انهيءَ وقت جادوگر بيهوش ٿي. پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان هيٺ ڪري پيو. "هاڻي ڪيس نيپوڙي مار"، دوشيزه زوردار آواز ۾ چيو ۽ سندس عاشق هن جي فرمانبرداري ڪئي ۽ جڏهن پڪي مري ويو، تڏهن پوڙهو جادوگر ٻہ مري، زمين تي ليٽي پيو.

نارس قوم وارن جي "انهيءَ ديو جي ڳالهہ ۾، جنهن کي دل ڪانہ هئي"، ديو شهزاديءَ کي چوي ٿوتہ "دور، گهڻو دور، هڪ ڏينهن ۾ هڪ پيٽ واقع آهي. انهيءَ پيٽ تي هڪ ديول ٻڌل آهي، انهيءَ ديول ۾ هڪ ڪوهہ آهي، ڪوهہ ۾ هڪ بدڪ ٿي تري، بدڪ ۾ هڪ آنو آهي ۽ انهيءَ آني اندر منهنجي دل آهي." آڪاڻيءَ جو هيرو، ڪن جانورن جي مدد سان، جنهن سان هن ڪنهن وقت مهرباڻيءَ جو سلوڪ ڪيو هو، اهو آنو دستياب ڪري ٿو ۽ انهيءَ آني کي جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيبوڙي ٿو، تيئن ديو درد ناڪ دانهون ٿو ڪري ۽ پنهنجيءَ زندگيءَ جي خيرات گهري ٿو. پر هيرو آني کي پزرو پزرو ڪري ٿو ۽ ديو هڪ دم ڦاڙي پوي ٿو. نارس قوم وارن جي هڪ ٻئي افساني ۾ هڪ جابلو ديو مقيد شهزاديءَ کي ٻڌائي ٿو ته هوءَ تيسين پنهنجي گهر ڪڏهن به واپس نه موٽي سگهندي، جيسين هوءَ ريتيءَ جو اهو داڻو نه هٽ ڪندي، جو هڪ بلا جي نائين مٿي جي نائينءَ زبان هيٺان رکيل آهي؛ پر جيڪڏهن ريتيءَ جو اهو داڻو ان جبل جي مٿان اڇي نڪرندو، جنهن ۾ ديو رهندا آهن، ته سڀ ديو ڦاڙي پوندا، "۽ جبل بذات خود هڪ چمڪيلو محلات، ڊنڊ ۽ سبز ڪيت ٽي پوندا." هيرو ريتيءَ جو اهو داڻو دستياب ڪري ٿو ۽ انهيءَ جبل جي بلند چوٽيءَ مٿان ڪٽي وڃي ٿو، جنهن ۾ ديو مقيم آهن. چنانچه، سڀ ديو ڦاڙي پون ٿا ۽ باقي ٻيو سڀ ڪجهه ائين ٿئي ٿو، جيئن ديون مان هڪ ڇٽي پيشينگوئي ڪئي هئي.

مغربي اسڪاٽلنڊ جي اتانهن ميدانن جي هڪ سيلٽڪ آکاڻيءَ ۾، هڪ ديوکاڻ هڪ اسير راڻي دريافت ڪري ٿي ته هو پنهنجو روح ڪٿي رکندو آهي. آخرڪار ڪيس متعدد بار ڪُهڻ کان پوءِ، هو ڪيس پنهنجي مهلڪ راز کان واقف ڪري ٿو. "چائنڪ هيٺان فرش جو هڪ وڏو هموار پٿر رکيل آهي. پٿر جي هيٺان هڪ گهيڙو آهي. گهيڙي جي پيٽ اندر هڪ بدڪ آهي ۽ بدڪ جي پيٽ اندر هڪ آنو ۽ انهيءَ آني اندر منهنجو روح رکيل آهي." ٻئي ڏينهن صبح جو، جڏهن ديو ٻاهر ويو، تڏهن راڻيءَ حرفت هلائي، اهو آنو هٽ ڪيو ۽ ان کي پنهنجن هٿن ۾ دٻائي، چٽي چڏيو ۽ ديو عين انهيءَ دم مري ويو، جڏهن ديو شام ٽاڻي گهر واپس اچي رهيو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻيءَ سيلنڊ آڪٽوپس ۾، هڪ بحري جانور بادشاه جي ڏيءَ کي اغوا ڪري کڻي ويو آهي ۽ هڪ لوهار چوي ٿو ته انهيءَ جانور کي مارڻ جو فقط هڪ ۽ اهو ئي هڪ طريقو آهي. "انهيءَ پيٽ ۾، جيڪو ڏنڊ جي وچ ۾ آهي، ايليڊ چشمهيون — اڇن ڪرن انتهائي سنهين ٽنگن ۽ تيز ۾ تيز وڪ وارو هڪ ڦاڙهو آهي ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ ڦاڙهي کي پکڙيو ويندو، ته به ان سان چوٽيءَ وارو هڪ جابلو ڪانءَ پڙڪو ڏيئي نڪرندو، جيتوڻيڪ انهيءَ ڪانءَ کي به پکڙيو ويندو، ته به ان سان "ٽراٿوٽ" نالي هڪ مڇي ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪرندي، پر انهيءَ مڇيءَ جي وات ۾ هڪ آنو آهي ۽ جانور جو روح انهيءَ آني اندر آهي ۽ جيڪڏهن اهو آنو پڇندو، ته ديو مرندو". دستور موجب آنو ٽوڙيو وڃي ٿو ۽ اهو جانور مري ٿو.

آئرلنڊ جي هڪ آڪٽوپس ۾ اسين پڙهون ٿا ته ڪيئن نه هڪ ديو ڪنهن خوبصورت دوشيزه کي ٽڪريءَ جي بلنديءَ تي واقع پنهنجي اهڙي قلعي اندر قيد ڪري رکيو هو، جنهن جو فرش انهن جوڙن جي پراڻن هڏن سان سڄو اڇو ٽي ويو هو، جن انهيءَ خوبصورت قيدڻ کي آزاد ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. آخرڪار، آڪٽوپس جو هيرو، ديو کي چيرڻ، ڦاڙڻ ۽ مارڻ جون بيڪار ڪوششون ڪندي ڪندي، جڏهن ٽڪو، تڏهن ڪيس معلوم ٿيو ته ديو کي مارڻ جو فقط هڪ هيءُ ئي طريقو هو، ته ديو جي سيني جي ساڄي طرف واري ترڪي هڪ خاص آني سان سهڻن گهرجي، جو هڪ بدڪ اندر هو، جو هڪ صندوق ۾ رکيل هو، جا مقفل ۽ بڏل حالت ۾ سمنڊ جي تري ۾ پيئي هئي. ڪن محسن جانورن جي مدد سان، انهيءَ هيرو گهربل آني تي قبضو حاصل ڪيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن سان هن فقط ديو جي سيني تي واقع تر ڪي ڏڪ هٽڻ سان، ڪيس ساري وڏو. ساڳيءَ طرح، برينٽن جي هڪ ڳالهه ۾ هڪ ديو جو ذڪر آهي، جنهن کي باهه، پاڻي ۽ فولاد ڪوبه ضرر نٿو رسائي سگهي. هو پنهنجيءَ ستينءَ زال کي، جنهن سان هن سندس ا سيني پيشروئن کي قتل ڪرڻ بعد شادي ڪئي آهي، ٻڌائي ٿو ته "آءٌ لافاني آهيان ۽ ڪوبه سون کي تيسين نقصان نه ٿو پهچائي سگهي، جيسين اهو منهنجي سيني سان هڪ آنو نه ڀڃندو، جو هڪ ڪبوتر ۾ آهي، جو هڪ سهي جي پيٽ اندر آهي. اهو سهو هڪ بگھڙ جي پيٽ ۾ آهي ۽ اهو بگھڙ منهنجي ياءٌ جي پيٽ اندر آهي، جو هتان کان هڪ هزار ميل دور رهندو آهي. چنانچه، انهيءَ باري ۾ سون کي ڪوبه فکر ڪونهي". هڪ سپاهيءَ انهيءَ آني کي کنهن حرفت سان هٽ ڪري وڏو ۽ ان کي ديو جي چاتيءَ سان هٽي، ٽوڙي ڇڏيو، جو في‌الفور مري ويو. برينٽن جي هڪ ٻئي قصي ۾ هڪ ديو جو ساهه هڪ قديم "باڪس" قسم جي وڻ ۾ رهي ٿو، جو سندس قلعي جي باغ ۾ آهي، ۽ کيس مارڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته انهيءَ وڻ جي ٻاڙ جي مرڪزي ٽني کي ڪهاڙيءَ جي هڪ ئي ڏڪ سان اهڙيءَ طرح ويڙهيو وڃي، جو ننڍين ٻاڙن سان کنهن هڪ کي به ڪو نقصان نه پهچي. دستور مطابق، آڪاٽيءَ جو هيرو اها مهم سرانجام ڪري ٿو ۽ بلڪل ساڳئي وقت ديو مري وڃي ٿو.

خارج روح جي نظريي جو سراغ انهن لوڪ-ڪٿائن ۾ گهوليو ويو آهي، جي آريه نسل جون قومون هندستان کان ولي، آئرلنڊ تائين نقل ڪنديون آهن. اسان کي هيءَ ڳالهه اڃا ثابت ڪرڻي آهي ته اهو ساڳيو نظريو انهن قومن جي مقبول عام آڪاٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ۽ موجود آهي، جي آريه نسل سان وابسته ناهن. قديم مصر جي "هڪسوس" نالي هڪ آڪاڻيءَ ۽، جا سنه ۱۳۰۰ ق.م ڌاري راسيس ثانيءَ جي دور حڪومت ۽ قلمبند ڪئي ويئي هئي، اسان پڙهيو آهي ته ڪيئن نه هڪ ٻاڦ پنهنجيءَ دل تي جادوءَ جو اثر ڪري، اُن کي ڪرڙ جي هڪ وڻ جي گل اندر رکيو ۽ ڪيئن نه سندس زال جي شهه تي، جڏهن اهو گل وڌيو ويو، تڏهن هو هڪدم مري ويو. پر هو وري جيئرو ٿيو، جڏهن سندس ٻاڦ هن جي گل ٿيل دل ڪرڙ جي گل مان لهي، تازي ٻاڦيءَ جي هڪ پيالي ۽ اچلائي.

الف ليلي ۽ سيف الملوڪ جي آڪاڻيءَ وارو جنّ هندستان جي راجا جي قيدخاني ڏيءَ کي چوي ٿو ته "جڏهن آءٌ جائو هوس، تڏهن منجمن اعلان ڪيو هو ته منهنجي روح جي نابودي بني نوع انسان جي بادشاه جي پٽ سان هڪ جي هٿان ٿيندي. مون انڪري پنهنجو روح ڪڍي، هڪ جهرڪيءَ جي چوٽيءَ وارن کنيو ۽ رکيو. جهرڪيءَ کي مون هڪ ننڍيءَ پيٽيءَ ۽ قيد ڪيو، پيٽيءَ کي هڪ ٻيءَ صندوق اندر رکيو، صندوق کي مون ستن ٻين ننڍڙين صندوقن اندر رکيو ۽ انهن کي وري مون ستن وڏين پيٽين ۽ بند ڪيو ۽ انهن پيٽين کي مون سنگ سرمر جي هڪ وڏيءَ صندوق ۽، گول چڪر ڪائيندڙ سمنڊ جي ڪناري پرسان رکيو، چاڪاڻ ته اهو علائقو انسان ذات جي ملڪن کان دور آهي ۽ انسانذات مان ڪنهن کي به ان تائين رسائي حاصل ٿي ڪانه سگهندي." پر سيف الملوڪ انهيءَ جهرڪيءَ تي قبضو ڪيو ۽ کيس گهٽي ماريائين، جنهن تي اهو جنّ سڙي ويو ۽ رک جو ڍير ٿي، زمين تي وڃي ڪريو. هڪ قبائلي آڪاڻيءَ ۽،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ديوظاهر ڪري ٿو ته سندس تقدير، دور، هڪ سهڙ ۾ رکيل آهي، جو هڪ ڪبوتر اندر آهي، جو هڪ آٽ ۾ آهي، جو سمنڊ ۾ آهي. آڪاڻيءَ جو هيرو اهو آنو هٿ ڪري، پنهنجن هٿن جي وچ ۾ دٻائي چٽي ٿو ۽ ديو مري وڃي ٿو. هڪ ميگيار ڳالهه ۾ هڪ پوڙهي ڊائڻ ائمبروز نالي هڪ شهزادي کي ڊرتيءَ جي پيٽ ۾ قيد ڪري رکي ٿي. آخرڪار، هن ڪيس پنهنجو هيءَ راز ڏنو ته هن هڪ پنيءَ ۾ هڪ جهنگلي سوئر رکيو جنهن کي، جيڪڏهن ماريو ويندو، ته منجهائنس هڪ سهڙ هٿ لڳندو ۽ سهڙ اندران هڪ ڪبوتر، ڪبوتر اندر هڪ ننڍي صندوق، صندوق اندر ويهل هڪ ڪاريءَ ۽ پي چمڪندڙ ٽنڊڻيءَ جي قبضي ۾ سندس زندگي، ۽ طاقت هٿي، جيڪڏهن اهي ٻئي ٽنڊڻيون مري ويندينون، ته سندس زندگيءَ جو پڻ خاتمو ايندو. جڏهن اها پوڙهي ڪوڪ باهر ويئي، تڏهن شهزادي ائمبروز انهيءَ جهنگلي سوئر کي ماريو ۽ منجهائنس سهڙ باهر ڪڍيو، سهڙ مان هن هڪ ڪبوتر باهر ڪڍيو، ڪبوتر مان صندوق ۽ صندوق مان ٻه ٽنڊڻيون، هن ڪاريءَ ٽنڊڻيءَ کي اتي ئي ماري ڇڏيو ۽ اڇيءَ کي جيئرو رکيائين. ان ڪري ڊائڻ جي طاقت ڪيس هڪدم ڇڏي ويئي ۽ جڏهن گهر آئي، تڏهن ڪيس بستري داخل ٽيڙو ٿيو. جڏهن هن ڊائڻ کان هيءَ راز معلوم ڪيو ته هو پنهنجي قيد کان ڪيئن آزاد ٿي، متيءَ هوا ڏانهن وڃي سگهندو، تڏهن ائمبروز چمڪندڙ ٽنڊڻيءَ کي ماري ڇڏيو ۽ ڪراڙيءَ ڪوڪ جو روح هڪدم پرواز ڪري ويو. هڪ ڪالمڪ قصي ۾ آسان پڙهيو آهي ته ڪيئن ته ڪنهن خان هڪ حڪيم کي لاڪاريو ته هو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيمتي پٿر ڪي چورائي، جنهن تي آنهيءَ خان جي زندگي منحصر هئي، پنهنجي هنر جو مظاهرو ڪري ڏيکاري. حڪيم حرفت ڪري اهو طلسم عين ان وقت تيڪائي ورتو، جڏهن خان ۽ سندس محافظ ستل هئا، پر انهيءَ ڳالهه مان پوريءَ ريت مطمئن نه ٿي، حڪيم ستل خان جي مٿي تي هڪ ٽيلهي هڏي، پنهنجيءَ حرفت جو وڏيڪ مظاهرو ڪيو. خان جي قوت برداشت کان هيءَ ڳالهه باهر هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو هن حڪيم کي اطلاع ڏنو ته هو ٻيءَ هر ڳالهه کي نظر انداز ڪري ٿي سگهيو، پر مٿي مان ٽيلهيءَ هڏڻ جي بي حرمتي سندس برداشت کان زياده هئي، ۽ ان ڪري هن پنهنجي خوش مزاج دوست کي هڪدم مارائڻ جو حڪم صادر ڪيو. شاهي ناشڪر گذاريءَ جي اهڙي مظاهري تي رنج ٿي، حڪيم انهيءَ طلسم کي، جنهن کي هو اڃا تائين پنهنجي هٿ ۾ جهليو ٻيٺو هو، زمين تي اڇلائي پرزا پرزا ڪري چڏيو ۽ ساڳيءَ گهڙيءَ ۾ خان جي ٻنهي ناسن کان رت وهي نڪتو ۽ هن اتي جو اتي دم ڏنو.

هڪ تاتاري بيت ۾، ائڪ مولوت ۽ بيولات نالي ۾ خوبصورت نوجوان موتمار مقابلي ۾ هڪ ٻئي سان هٿ اٽڪائين ٿا. ائڪ مولوت پنهنجي دشمن کي وري وري تيرن سان چيري ٿو ۽ ساڻس دست و گريبان ٿي، ڪيس زمين تي ٽڪاءَ ڪري اڇلائي ٿو، پر سڀ بيڪار، جو بيولات ڪڏهن به نه ٿو مري سگهي. آخرڪار، جڏهن اهو مقابلو ڏن سالن تائين هلي چڪي ٿو، تڏهن ائڪ بيولات جو هڪ دوست آسمان مان اڇي ڏاڳي ذريعي هڪ سونهري ٽوڪرو لٽڪندو ڏسي ٿو ۽ دل ۾ خيال ڪري ٿو ته انهيءَ ٽوڪري اندر شايد بيولات جو روح رکيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنانچ، هن اڃي ڏاڳي کي هڪ تير هنيو ۽ اهو ٽوڪرو اڇي هيٺ ٻيو. هن ٽوڪرو کوليو، جنهن ۾ ڏهن اڇا پکي ويٺا هئا، جن مان هڪ ۾ بيولات جو روح هو. جڏهن بيولات ڏٺو ته سندس روح ٽوڪري۾ لڏو ويو آهي، تڏهن هو ڏاڍو رنو، ۽ پکين کي هڪ ٻئي ٻڌيان ماريو ويو، جنهن کان پوءِ ئي پوءِ انڪ مولوت پنهنجي دشمن کي آساني۽ سان ماريو. هڪ ٻئي تاتاري بيت ۾، هڪڙا ۽ پائر، ٻين ٻن پائرن سان وڙهڻ لاءِ وڃڻ وقت پنهنجا ارواح کڏي، کين چهن کانن واري هڪ اڇي ٻوٽي جي صورت ۾ هڪ راونهي۽ کڏ ۾ لڪائي رکن ٿا. ۽ سندن دشمن مان هڪ کين اڻين کندي ڏسي ٻوٽي ٽوڙ سندن روحن کي کوٽي ٻاهر ڪڍي ٽو، جن کي هو هڪ سونهري گهيٽي جي سنگ ۾ رکي ٽوڙ پوءِ انهي۽ سنگ کي پنهنجي ترڪش ۾ اڇلائي چڏي ٿو. انهن ٻن جانبازن کي، جن جا ارواح اهڙي۽ طرح چورايا وڃن ٿا، معلوم ٿئي ٿو ته کين فتح حاصل ڪرڻ جو ڪوبه موقعو ڪونهي، جنهن ڪري اهي پنهنجن دشمنن سان صلح ڪن ٿا. هڪ ٻئي تاتاري نظم ۾، هڪ خطرناڪ ديو سيني ديوتائن ۽ جنگي جوڌن جي پرواه ئي نه ٿو ڪري. آخرڪار، هڪ بهادر نوجوان ديو سان وڙهي ٿو، سندس مشڪون ٻڌي ٿو ۽ ڪيس تلوار سان ڦارون ڦارون ڪري وڌي ٿو. پر اڃا ۾ ديو نه ٿو مري. چنانچ، نوجوان ڪانئس پڇي ٿو ته "مون کي ٻڌاءِ ته تنهنجو روح ڪٿي لڪل آهي؟ چاڪاڻ ته جيڪڏهن تنهنجو روح تنهنجي جسم اندر لڪل هجي ها، ته تون هن کان گهٽو وقت اڳي مري چڪو هجين ها." ديو ٻوراڻي ڏني ته "منهنجي گهوڙي جي هني ٻي هڪ ڳوڙ رکي آهي. ڳوڙ اندر هڪ نانگ آهي، جنهن کي ٻارهن مٿا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانگ اندر منهنجو روح آهي. جڏهن تون نانگ کي ماريندين، تڏهن سمجهه ته تو مون کي ماريو." چنانچ، انهيءَ نوجوان گهوڙي تان هني واري ڇوٽ ڪنئين ۽ پارهن منهن واري نانگ کي ماريو، جنهن تي ديو مري ويو. هڪ ٻئي تاتاري نظم ۾، ڪوڪ چان نالي هڪ هيرو ڪنهن دوشيزه وٽ سوني منڊي امانت رکي ٿو، جنهن ۾ سندس اڏ طاقت رکيل آهي. بعد ۾، جڏهن ڪوڪ چان هڪ ٻئي هيرو سان گهٽي وقت تائين وڙهندو رهي ٿو ۽ ڪيس ماري نه ٿو سگهي، تڏهن هڪ عورت سندس اها منڊي هن جي وات ۾ اڇلائي ٿي، جنهن ۾ هن جي اڏ طاقت پوشيده آهي. اهڙيءَ طرح تازيءَ قوت ماڻ سبب، جوش ۾ اچي، هو پنهنجي دشمن کي ماري ٿو.

هڪ منگولي آکاڻيءَ جو هيرو، جورو، پنهنجي دشمن ٻائي، ٽشوريڊانگ کي هن طرح شڪست ڏئي ٿو. اهو ٻائو، جو هڪ جادوگر آهي، پنهنجي روح کي هڪ ڏينهوءَ جي صورت ۾ پنهنجي دشمن کي اکين ۾ ڏنگ هڻڻ لاءِ موڪلي ٿو. پر جورو ڏينهوءَ کي پنهنجي هٿ ۾ پکڙي ٿو ۽ واري وٽيءَ سان پنهنجي هٿ کي بند ڪري ۽ کولي، ٻائي کي بيهوش ڪري، وري هوش ۾ اچڻ ڏئي ٿو. هڪ تاتاري گيت ۾ ۽ نوجوان هڪ ڏاڻڻ جي جسر کي چيري، سندس آندا گونڍا ٻاهر ڪڍين ٿا، پر سندن سڀ ڪوششون بيڪار ثابت ٿين ٿيون، چاڪاڻ ته هوءَ اڃا ٻ ڄيڙي آهي. جڏهن ڪانئس دريافت ڪيو وڃي ٿو ته سندس روح ڪٿي آهي، تڏهن هوءَ ٻڌائي ٿي ته اهو سندس جتيءَ جي تري جي وچ ۾ ستن منهن واري هڪ ڪهري نانگ جي صورت ۾ ويٺو آهي. چنانچ، پنهي نوجوانن ماڻ هڪ چٽو پنهنجيءَ ترار سان هن جي جتيءَ جي تري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڦارون ڦارون ڪري ٿو، منجهائس ڪهري نانگ ڪي ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ سندس ست سسيون وڍي ٿو. پوءِ اها ڏانئن مري ٿي. هڪ ٻئي تاتاري گيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن نہ ڪارتگا نالي هڪ هيرو "هنج - عورت" سان ڪشتي وڙهي ٿو. سندن ڪشتي تمام گهڻيءَ دير تائين هلندي رهي. هڪڙا چنڊ چڙهيا ۽ ٻيا لٿا، پر اهي اڃا ب وڙهندا رهيا؛ سال آيا ۽ ويا، پر سندن ڪشمڪش جي ڪا انتها ڪانہ آئي. پر هڪ ڪميت ۽ هڪ مشڪي گهوڙي ڪي معلوم هو ته "هنج - عورت" جو روح منجهس ڪوٺ هو. ڪاريءَ زمين هيٺ ست سمنڊ وهن ٿا، جنهن هنڌ اهي سمنڊ ملي، هڪ ٿين ٿا، اتي سمنڊ زمين جي مٿاڇري تي ٻاهر نڪري ٿو. نون سمنڊن جي منهن وٽ ٽامي جو هڪ پهاڙ آهي؛ ٽامي جو اهو پهاڙ زمين جي سطح تي مٿي اچي ٿو ۽ اهو زمين ۽ آسمان جي وچ تائين بلند ٿئي ٿو. ٽامي جي پهاڙ جي دامن وٽ هڪ ڪاري صندوق رکي آهي، ڪاريءَ صندوق اندر سون جي هڪ ٽوڪري آهي، ۽ سون جي انهيءَ ٽوڪريءَ ۾ "هنج - عورت" جو روح رکيل آهي. ست ننڍڙا پکي "هنج - عورت" جو روح آهن، جيڪڏهن انهن پکين کي ماريو ويندو، ته اها "هنج - عورت" هڪ دم مري ويندي. چنانچ، اهي گهوڙا ٽامي جي پهاڙ ڏانهن ڊوڙندا ويا، ڪاري صندوق کوليائون ۽ سون جي ٽوڪري ٻاڻ سان ڪڍ آندائون. پوءِ ڪميت گهوڙي ٻاڻ کي هڪ گنجي ماڻهوءَ جي صورت ۾ ڦيرايو، سون جي ٽوڪريءَ کي کوليائين ۽ ستن ننڍن پکين جون سسيون وڍيائين. چنانچ "هنج عورت" مري ويئي. هڪ ٻئي تاتاري گيت جي هيرو کي، جو پنهنجيءَ ٻيڻ جو تعاقب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رهيو آهي، جا سندس چوپايو مال ڪاهي ويئي آهي، خبردار ڪيو وجي ٿو تہ هو سندس پيڇو ڪرڻ ڇڏي ڏي، چاڪاڻ تہ سندس پيڻ پنهنجي روح ڪي هڪ سونيءَ ترار ۾ هڪ سوني تير ۾ رکي ڪٽي ويئي آهي ۽ جيڪڏهن هو سندس تعاقب ڪندو تہ هوءَ سوني ترار ڏانهنس اڇلائي يا مٿس سونو تير هلائي، ڪيس ماري ڇڏيندي.

مٿي ٻولي جي هڪ گيت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪيڻ تہ هڪ زماني ۾ اندرا پورا شهر ۾ هڪ وڏو واپاري رهندو هو، جو تمام دولتمند ۽ آسودو هو، پر ڪيس اولاد ڪونہ هو. هڪ ڏينهن، جڏين هو پنهنجيءَ زال سان گڏ درياه جي ڪناري سير ڪري رهيو هو، تڏين ڪين هڪ چوڪري ملي، جا فرشتي جهڙي خوبصورت هئي. چنانچہ، هنن انهيءَ چوڪريءَ کي گود ۾ ورتو ۽ ڪيس بيداسري سڏيو. انهيءَ واپاريءَ هڪ سوني مڇي ٺهرائي ۽ انهيءَ سونيءَ مڇيءَ ۾ هن پنهنجيءَ گود ۾ ورتل ڏيءَ جو روح تبديل ڪيو. پوءِ هن انهيءَ سونيءَ مڇيءَ کي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ سونيءَ پيتيءَ اندر بند ڪيو ۽ ان کي پنهنجي باغ جي وچ ۾ حوض اندر لڪائي رکيو. وقت گذرڻ بعد، چوڪري وڏي ٿي، هڪ خوبصورت عورت ٿي پيئي. هاڻي، اندرا پورا جي راجا جي هڪ خوبصورت نوجوان راڻي هئي، جا همیشه هن ڊپ ۾ رهندي هئي تہ متان راجا ڪنهن وقت ٻي زال ساڻ آڻي. چنانچہ، بيداسريءَ جي حسن ۽ ناز و انداز جي هاڪ ٻڌي، راڻيءَ ڪيس پنهنجيءَ راه مان هٽائڻ جو ارادو ڪيو. هن چوڪريءَ کي آسرا دلاسا ڏيئي، محلات ڏانهن گهرايو ۽ اتي هن سان انتهائي ظالمانہ سلوڪ ڪيو، پر بيداسري مري نہ ٿي سگهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاکاڻ ته سندس روح منجهس ڪونه هو. آخرڪار، هوءَ وڏيڪ عذاب برداشت نه ڪري سگهي ۽ راڻيءَ کي چيائين، ته "جيڪڏهن تون مون کي مارڻ چاهين ٿي، ته توکي اها صندوق آڻڻي پوندي، جا منهنجي پيءُ جي باغ واري حوض اندر رکيل آهي." صندوق آندي ۽ کولي ويئي ته منجهس پاڻيءَ اندر سوني مڇي موجود هئي. چوڪريءَ چيو، "منهنجو روح انهيءَ مڇيءَ اندر آهي. صبح جو توکي انهيءَ مڇيءَ کي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍڻو ۽ شام جو پاڻيءَ ۾ واپس رکڻو پوندو. مڇيءَ کي هٿي نه ڇڏجانءِ، ۽ ڪيس پنهنجيءَ ڳچيءَ جي چوڌاري ٻڌي ڇڏجانءِ. جيڪڏهن تون ائين ڪندينءَ ته آءٌ جلدي مري ويندس." چانچ، راڻيءَ مڇيءَ کي صندوق کان ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪيس پنهنجيءَ ڳچيءَ ۾ ٻڌو، ۽ جئين ئي هن ائين ڪيو، تئين ئي بيداسري بيهوش ٿي ڪري پيئي. پر شام جو جڏهن مڇيءَ کي واپس پاڻيءَ ۾ وڌو ويو، تڏهن بيداسري وري هوش ۾ آئي. راڻيءَ اها ڳالهه محسوس ڪري، ته چوڪري سندس قبضي هئي، ڪيس پنهنجي گود واري پيءُ ماڻ ڏانهن واپس موڪلي ڇڏيو. پنهنجيءَ ڏيءَ کي زياده ظلم و ستم کان بچائڻ لاءِ، سندس والدين ڪيس شهر کان ٻاهر موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. چانچ، انهن ڪنهن ويران ۽ دور دراز علائقي ۾ هڪ گهر تعمير ڪرايو ۽ بيداسريءَ کي اوڏانهن آندو. اتي هوءَ اڪيلي زندگي گذارڻ لڳي ۽ انهن تبديلين سان لنگهندي رهي، جيڪي انهيءَ مڇيءَ جي حالت جي ڦير گهير سان مشابهت رکنديون هيون، جنهن ۾ سندس روح رکيل هو. سچو ڏينهن، جيستائين مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر رهندي هئي، تيستائين هوءَ بيهوش رهندي هئي، پر شام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سچيءَ کي واپس پاڻيءَ اندر وڏو ويندو هو، تڏهن هوءَ وري هوش ۾ ايندي هئي. هڪ ڏينهن بادشاه شڪار تي ويل هو ۽ واٽ تي انهيءَ گهر ڏانهن ايندي، جنهن ۾ بيداسري بيهوش پيئي هئي، سندس خوبصورتي ڏسي حيران ٿي ويو. هن کيس بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سڀ بيسود. ٻئي ڏينهن شام ڏاري هو وري وٽس آيو، پر هن کي وري بيهوش ڏنائين. بهرحال، جڏهن رات ٻيئي ۽ هوءَ هوش ۾ آئي، تڏهن هن بادشاه کي پنهنجو سڄو راز ٻڌايو. چنانچه، بادشاه محلات ڏانهن واپس وريو ۽ راڻيءَ کان سچي ولي، ان کي پاڻيءَ ۾ وڏو. بيداسري هڪدم خوش و خرم ٿي ويئي ۽ بادشاه کيس پنهنجي راڻي بڻايو.

خارج روح جي هڪ ٻي ڳالهه نياس نان ملي ٿي، جو سماترا جي مغرب طرف هڪ ٻيٽ آهي. ڪنهن زماني ۾ هڪ سردار کي سندس دشمنن ڪٽي گرفتار ڪيو، جي کيس مارڻ جي پڌيان پيا، پر آهي ناڪامياب ٿيا. هن کي پاڻي نه ٿي ٻوڙي سگهيو، باهه نه ٿي ساڙي سگهي ۽ فولاد نه ٿي چيري سگهيو. آخرڪار، سندس زال هن جو راز فاش ڪيو. سندس مٿي تي هڪ وار هو، جو اهڙو سخت هو، جهڙي تار، ۽ انهيءَ تار سان سندس زندگي وابسته هئي. چنانچه، اهو وار پٽيو ويو ۽ انهيءَ سان گڏ ئي سندس روح پرواز ڪري ويو.

جنوبي نائجيريا سان مغربي آفريڪا جي هڪ ڳالهه ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن نه هڪ بادشاه پنهنجو روح ناسي رنگ جي نندڙي پکيءَ ۾ وڏو، جو سندس محلات جي قريب هڪ اوچي وڻ جي چوٽيءَ تي ويٺو هوندو هو. بادشاه جي زندگي انهيءَ پکيءَ سان ايتريقدر وابسته هئي، جو جيڪو به پکيءَ کي ماري ها، سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي وقت بادشاه کي ۽ ماريوڇهي ها ۽ سندس بادشاهيءَ جو وارث ٿئي ها. اهو راز راڻيءَ پنهنجي عاشق اڳيان ظاهر ڪيو، جنهن پکيءَ کي تير هڻي ماري ڇڏيو ۽ خالي ٽيل تخت تي پاڻ چڙهي ويٺو. ڏکڻ آفريڪا جي بارونگا قبيلي طرفان هڪ ڳالهه ٻڌائي ويئي آهي، جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪيئن نه هڪ سڄي خاندان جا ساهه هڪ ئي ٻليءَ اندر رکيل هئا. جڏهن خاندان جي هڪ چوڪريءَ، جنهن جو نالو ٽٽيشان هو، شادي ڪئي، تڏهن من پنهنجي والدين کي درخواست ڪئي ته اهي ڪيس انهيءَ قيمتي ٻليءَ کي پاڻ سان گڏ سندس نئين گهر ڏانهن ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏين، پر انهن هيئن چئي، انڪار ڪيو ته "توکي معلوم آهي ته اسانجي زندگيءَ ان سان وابسته آهي" ۽ انهن ڪيس ان جي بجاءِ هڪ هرڻ، پر هڪ هاٿي ۽ ڏيڻ لاءِ پيشڪش ڪئي. پر چوڪريءَ کي ٻليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن ۽ شئي مطمئن نه ٿئي ڪيو. چنانچه، آخرڪار، اها ٻليءَ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويئي ۽ ڪيس هڪ اهڙيءَ جاءِ تي وڃي بند ڪيو، جتي ان کي ٻيو ڪو ۽ ڏسي نه ٿي سگهيو. خود سندس مڙس کي ۽ ان جي ڪاڻ خبر ڪانه هئي. هڪ ڏينهن، جڏهن هوءَ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ويئي، تڏهن ٻلي پنهنجي پوشيده جاءِ مان ٻچي ٻاهر نڪتي ۽ سڌي جهوپڙيءَ ۾ ويئي، جتي هن چوڪريءَ جي مڙس جي جنگ وار و ساز و سامان پنهنجي بدن تي ڪٽي وڌو ۽ ڀائڻ ۽ نچڻ شروع ڪيو. ڪن ٻارن، جن جو ڏيان ٻليءَ جي آواز سبب ان جي طرف چڪجي ويو، ٻليءَ کي اهي شرارتون ڪندو ڏٺو ۽ انهن جڏهن انهيءَ ڳالهه تي حيرت جو اظهار ڪيو، تڏهن هن اڃا ۽ زياده حرڪتون ڪيون ۽ ان کان علاوه هن سندن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيعزتي ٿي ڪئي. چنانچہ، اهي هار سندس مالڪ ڏانهن ويا ۽ ڪيس چيائون، "تنهنجي گهر اندر ڪوئي نچي رهيو آهي ۽ هن آسان جي بيعزتي ڪئي آهي". "بڪواس بند ڪريو"، هن ڪين چيو، "آءٌ اوهان جي انهن ڪوڙن جو هينئر ٽو خاتمو ڪريان". چنانچہ، هو اوڏانهن ويو ۽ دروازي ٻڌيان لڪي، اندر ليئو پاتائين، تہ ڏٺائين تہ برابر هڪ ٻلي اندر نچي ۽ راڳ ڳائي رهي هئي. هن هڪدم ڪيس تير هنيو ۽ هوءَ اتي ئي مري ويئي. ساڳئي وقت سندس زال، جا ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهي هئي، اتي جو اتي مري ويئي. چوڪريءَ چيو تہ "ماڻ ڪي ڪو گهر ۾ ماري ويو آهي". پر هن ۾ ايتري طاقت اڃا ۽ باقي هئي، پر هن پنهنجي مڙس کي چيو تہ هو ان سان گڏجي سندس والدين جي گهر هلي ۽ مئل ٻلي‌ءَ کي تڏي ۾ وڌهي، ساڻ کڻي هلي. چوڪريءَ جا سڀ مائٽ ستاڻي جمع ٿيا ۽ چوڪريءَ کي ٻلي‌ءَ کي پاڻ سان گڏ مڙس جي گهوٽ ڪٽي وڃڻ تي ضد ڪرڻ لاءِ تمام سخت تڙيون چاڙهيون. جيئن ٿي تڏي کي کوليو ويو ۽ انهن مئل ٻلي ڏٺي، تيئن ٿي اهي سڀ هڪ ٻئي ٻڌيان مرندا، هيٺ ڪرندا ويا. اهڙيءَ طرح "ٻلي‌ءَ جي قوم" تباه ٿي ويئي، ۽ مغموم مڙس ان کان پوءِ هڪ ڇڙيءَ سان گهوٽ جو دروازو بند ڪيو ۽ پنهنجي گهوٽ واپس وريو، جتي هن پنهنجن دوستن کي ٻڌايو تہ ڪيئن تہ هن ٻلي‌ءَ کي ماريو، سڄي ڪٿا سب کي ماري وڌو هو، ڇاڪاڻ تہ سندن زندگين جو دارومدار ٻلي‌ءَ جي زندگيءَ تي هو.

ساڳئي قسم جا نظريا اسان کي انهن قصن ۾ ڪهاڻين ۾ ۽ نظر اچن ٿا، جي اتر آمريڪا جا هندستاني ٻڌائيندا آهن. چنانچہ، لاوا جو قبيلي وارا هڪ اهڙيءَ ڏند ڪٿائي هستيءَ جي ڳالهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن، جنهن کي "آها دوشيزه، جيڪا رچ ٽيندي آهي"، ڪوٺيندا آهن، جنهن هڪ ميداني بگهڙ وٽان پاڻ کي رچ جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ جو شڪست هنر سکيو هو. هوءَ هڪ زبردست جنگي جوڌو هئي ۽ ناقابل هٿيار، چاڪاڻ ته جڏهن هوءَ جنگ تي ويندي هئي، تڏهن هوءَ پنهنجا اهم عضوا ڪڍي، لڪائي ويندي هئي، ته جيئن کيس ڪو به ماري نه سگهي، ۽ جڏهن جنگ ختم ٿيندي هئي، تڏهن هوءَ پنهنجا عضوا وري سندن اصلوڪين جاين تي واپس وجهندي هئي. برٽش ڪولمبيا جي ڪواڪيوٽل قبيلي جا هندستاني هڪ ديوٽيءَ جي ڀالهه ڪندا آهن، جنهن کي ڪو به قتل ڪرڻ ڪري سگهندو هو، چاڪاڻ ته سندس زندگي "هيملاڪ" جي هڪ شاخ ۾ هوندي هئي. هڪ دفعي، هڪ دلير چوڪرو کيس جهنگ ۾ مليو، جنهن پٿر سان سندس مغز ڦاڙيو، ان جي ميچالي کي ٽيڑي پکيڙي ڦٽو ڪيو، سندس هڏ ڳڏ ٻڪا ۽ ڪين پاڻيءَ ۾ ڪٽي اڇلايو. پوءِ اهو خيال ڪندي، ته هن ديوٽيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو، هو سندس گهر ڏانهن روانو ٿيو. اتي هن هڪ عورت کي زمين سان ڪتل ڏٺو، جنهن کيس خبردار ڪندي، هيٺ چيو، ته "هينئر زياده دير هت نه ترسجانءِ. سون کي معلوم آهي ته تو ديوٽيءَ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو چوٿون دفعو آهي، جو ڪنهن نه ڪنهن کيس قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هوءَ ڪڏهن به نه ٽي سري، هوءَ ذري گهٽ وري جيئري ٿي پيئي. هوءَ ڏس، سامهون "هيملاڪ" جي جيڪا ڍڪيل شاخ ڏسين ٿو، تنهن ۾ سندس زندگي پوشيده رکيل آهي. اوڏانهن وڃ ۽ جيئن ٿي کيس اندر داخل ٿيندو ڏسين، تيئن ٿي هڪدم سندس زندگيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تير هڻ. بس، پوءِ هوءَ سرندي" انهيءَ عورت مشڪل ئي ڀالهائڻ بند ڪيو هو، تہ پڪ ئي پڪ اها ديوٽي گيت ڳائيندي اندر آئي. پر چوڪريءَ سندس زندگيءَ کي تير هنيو ۽ هوءَ انهيءَ دم سري ويئي ۽ ڏڙام سان زمين تي وڃي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستونءون

خارج روح لوڪ - رسمن ۽

۱- **بي جان شين ۾ خارج روح :** چنانچ هيءَ نظريو، تہ روح، ڪي جسم ڪان ٻاهر ٽوري يا گهٽي وقت لاءِ حفاظت واريءَ ڪنهن جاءِ، وارن ۽، بطور اماتت رکي سگهجي ٿو، گهٽين قومن جي مقبول عام آکاڻين ۾ قصن ۽ موجود ٿو ملي. هاڻي، اسان کي باقي هيءَ ڳالهہ ثابت ڪرڻي آهي تہ اهو نظريو قصي کي سينگارڻ جي ارادي سان ايجاد ڪيل ڪو دماغي اختراع ناهي، پر اهو قديم النسل مذهب جو هڪ حقيقي رکن آهي، جنهن ان سان مشابهت رکندڙ رسم و رواج جي مجموعي کي وجود ۽ آندو آهي.

اسان ڏٺو آهي تہ اهڙين آکاڻين ۽ هيرو جنگ جي تياريءَ ڪرڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي روح ڪي پنهنجي بدن کان علحده ڪندو آهي، تہ جئين سندس جسم جنگ اندر ناقابل شڪست ۽ لافاني ٿي پوي. ساڳي ٿي ارادي سان، هڪ وحشي حقيقي يا محض خيالي خطرن جي مختلف موقعن تي پنهنجي روح ڪي پنهنجي جسم ڪان جدا ڪري ٿو. چنانچ، سيليبس ۽ مناهسا جي ماڻهن ۽، جڏهن ڪو ڪٽنب ڪنهن نئين جاءِ ڏانهن منتقل ٿيندو آهي، تڏهن سندس پادري گهر جي سيني پاتين جي روحن ڪي هڪ ٽيلهيءَ اندر جمع ڪندو آهي ۽ بعد ۽ انهن ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن مختلف مالڪن کي واپس ڏيندو آهي. چاڪاڻ ته نئين جاءِ اندر داخل ٿيڻ واري گهڙيءَ کي ڪنهن فوق الفطري خطري سان پريل سمجهيو ويندو آهي. ڏکڻ سيليبس ۾، جڏهن ڪا عورت بستري داخل ٿيندي آهي، تڏهن جيڪو ماڻهو طبيب يا دائيءَ کي ساڻ وٺي ايندو آهي، سو هميشه واهولي وغيره جهڙو ڪو لوهه جو هٿيار پاڻ سان گڏ کڻي گهمندو آهي، جنهن کي هو طبيب جي سپرد ڪندو آهي. طبيب کي اها شيءِ تيستائين پنهنجي گهر اندر رکڻي آهي، جيستائين مريض جي ناچاڪائيءَ جو ميعاد ختم ٿئي، جنهن ڪاڻ پوءِ هو اهو اوزار واپس ڪندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس پيسن جو هڪ مقرر تعداد انهيءَ ڪم ڪرڻ جي عوض ملندو آهي. واهولو، يا ٻي جيڪا ٻ شيءِ هوندي آهي، عورت جي روح جي نمائندگي ڪري ٿي، جنهن لاءِ انهيءَ نازڪ موقعي تي سندس جسم اندر رهڻ ڪان ٻاهر هڻڻ کي بهتر سمجهيو ويندو آهي. چنانچه، طبيب کي انهيءَ شيءِ جي تمام گهڻي خبرداري ڪرڻي پوندي آهي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن اها شيءِ غائب ٿيندي، ته عورت جو روح ٻ، سندن اعتقاد مطابق، يقيناً گم ٿي ويندو.

جنوب مشرقي بورنيو جي هڪ ضلعي، پنوئيهه ۾ آباد ڏياڪ قبيلي وارن ۾ جڏهن کو ٻار ڄمندو آهي، تڏهن "حڪيم" کي گهرايو ويندو آهي، جو انهيءَ معصوم جي روح کي ناريل جي اڌ کوپي اندر داخل ٿيڻ لاءِ آماده ڪندو آهي، جنهن کي هو بعد ۾ ڪپڙي سان ڍڪيندو آهي ۽ هڪ وڏي چورس ٽالهه يا پات ۾ رکندو آهي، جا رسيءَ ذريعي ڇت سان لٽڪيل هوندي آهي. انهيءَ رسم کي هو هڪ سال تائين ٽئين ڇنڊ جي هر پهرينءَ رات تي ٽئين سر ادا ڪندو آهي. انهيءَ رسم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصد کي انهيءَ مصنف واضح ڪونہ ڪيو آهي، جنهن ان جو بيان ڪيو آهي، پر اسين هيءَ اندازو ڪري سگهون ٿا تہ ان جو مقصد ٻار جي روح کي سندس ڪمزور ۽ ننڍي جسم کان ٻاهر ڪڍي، ڪنهن زياده سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي رکڻ جو آهي. انهيءَ اندازي جي تصديق، ساڳيءَ نوعيت جي هڪ اهڙيءَ رسم مان ٿئي ٿي، جا هندستاني ٻيٽن جي مجموعي ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ ادا ٿئي ٿي ۽ ان لاءِ جيڪا سمجهاڻي پيش ڪئي ويندي آهي، سا اسان جي مٿين اندازي سان بلڪل ٺهڪي اچي ٿي. "ڪيي" نالي ٻيٽن جي ميڙ ۾، جڏهن ڪنهن گهر اندر ڪو تازو ڄاول ٻار هوندو آهي، تڏهن ناريل جو هڪ خالي ڪوپو، جنهن کي ٻہ اڌ ڪري، دوباره ڳنڍيو ويو هوندو آهي، ڪنهن ڏاڏي يا پرڏاڏي جي هڪ ٻي ڏنگي ڪائيءَ جي مجسمي پرسان ڪڏهن ڪڏهن لٽڪندو نظر ايندو آهي. معصوم ٻار جي روح کي عارضي طرح ناريل جي انهيءَ ڪوپي اندر محفوظ رکيل سمجهيو ويندو آهي، تہ جيئن اهو بدروحن جي حملن کان محفوظ رهي، پر جڏهن ٻار زياده وڏو ۽ زياده طاقتور ٿيندو، تڏهن اهو روح پنهنجي جسم اندر مستقل سکونت اختيار ڪندو. ساڳيءَ طرح، الاسڪا جي ايسڪيمو قبائل ۾، جڏهن ڪو ٻار بيمار ٿيندو آهي، تڏهن سندن "حڪيم" ڪڏهن ڪڏهن سندس روح کي ان جي جسم مان ڇڪي ٻاهر ڪڍندو آهي ۽ ان کي حفاظت سان رکڻ خاطر هڪ تعويذ اندر بند ڪندو آهي، جنهن کي اهو مزيد سلامتيءَ لاءِ خود پنهنجيءَ دوائن واريءَ ٽيلهيءَ ۾ رکندو آهي. هيءَ ڳالهہ ممڪن معلوم ٿئي ٿي تہ اهڙن تعويذن کي هڪ طرح سان روحن جون ٽيلهيون سمجهيو ويندو آهي- آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽجوڙيون، جن ۾ متعلق ماڻهن جي روحن کي زياده سلامتيءَ لاءِ رکيو ويندو آهي- برٽش اولهه آفريڪا جي ويسٽ شاير ضلعي ۾ مٽنگانجي قبيلي جي هڪ ٻوڙهي عورت پنهنجي گلي ۾ عاج جو هڪ اهڙو زيور پائيندي هئي، جو اندران پورو ۽ اڪل ٽي انچ ڊگهو هو، ان کي اها پنهنجي زندگي يا پنهنجو روح سڏيندي هئي- بلڪل قدتي طرح هوءَ ان کان جدا ٿيڻ نه چاهيندي هئي، هڪ آباد گار اهو زيور کائس خريد ڪرڻ چاهيو، پر سندس سڀ ڪوششون بيسود ثابت ٿيون- جڏهن مسٽر جيمس مٽڪڊونالڊ هڪ ڏينهن هلوبي قبيلي جي هڪ سردار وٽ ملاقات لاءِ انتظار ڪري رهيو هو ۽ انهيءَ وڏي ماڻهوءَ جي اچڻ لاءِ ترسيل هو، جو پنهنجي سينگار ۾ مصروف هو، تڏهن هڪ مقامي باشندي هڪ شاندار ڏڳي جي سنگن جي جوڙي ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته "نئين جو روح هن سنگن ۾ آهي-" اهي سڳ هڪ اهڙي جانور جا هئا، جنهن کي قربان ڪيو ويو هو ۽ سندن سنگن کي مقدس سمجهيو ويندو هو، هڪ جادوگر انهن سنگن کي پنهنجي گهر ۾ ان جي مڪينن کي طوفانن کان محفوظ رهڻ لاءِ ڇت سان ٻڌي ڇڏيو هو- "اهو نظريو" مسٽر مٽڪڊونالڊ وڌيڪ چوي ٿو، "ڏکڻ آفريڪي فڪر لاءِ ڪنهن به صورت ۾ ناآشنا نه آهي- انهيءَ ملڪ ۾ ماڻهوءَ جو روح سندس گهر واريءَ جي ڇت ۾، ڪنهن وڻ ۾، پاڻيءَ جي ڪنهن چشمي ۾رسان يا ڪنهن جبل جي واريءَ ڪنڊيءَ تي مقيم ٿي سگهي ٿو-" نيو برٽن جي غازيلي اپسمنڊ جي باشندن ۾ هڪ پر اسرار سوسائٽي آهي، جنهن کي انگنيئيٽ يا انگيئيٽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي- هر هڪ ماڻهوءَ کي داخلا وقت، ماڻهوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا جانور جي صورت جو هڪ پٿر ملندو آهي، جنهن کان پوءِ سندس روح کي هڪ نموني سان انهيءَ پٿر سان وابستہ ٿيل سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو پٿر ٽٽي پوندو آهي تہ هو ان کي پنهنجي لاءِ بدشگون سمجهندو آهي؛ آهي ماڻهو چوندا آهن تہ پٿر کي گجگوڙ ڏڪ هنيو آهي ۽ جيڪو به ان جو مالڪ ٿيندو، سو جلد مرندو. جيڪڏهن ان جي باوجود، کو ماڻهو پنهنجي "روح-پٿر" جي ٽٽڻ بعد به زنده رهندو آهي، تہ اهي چوندا آهن تہ اهو سچو "روح-پٿر" کونہ هو، جنهنڪري ڪيس هڪ ٻيو پٿر ڏنو ويندو آهي. شهنشاه روبانس ليڪاپينس کي هڪ دفعي ڪنهن منجم اطلاع ڏنو تہ بلگاريہ جي شهزادي، سائميان، جي زندگي قسطنطنين ۽ هڪ ٽنب سان وابستہ آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ ٽنب جي چوڻيءَ واري حصي کي آتان هٽايو ويندو، تہ سائيمان هڪدم مري ويندو. شهنشاه انهيءَ اشاري تي عمل ڪندي، ستون جي چوڻي هٽائي ڇڏي ۽ انهيءَ ساڳيءَ ساعت ۽، جيئن شهنشاه کي جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو، سائيمان دل جي بيماريءَ وڪهي بلگاريا ۽ مري ويو.

وري، اسان ڏٺو آهي تہ لوڪ-ڪٿائن ۽ ماڻهوءَ جي روح يا طاقت کي ڪڏهن ڪڏهن سندس وارن سان وابستہ ٿيل ڏيکاريو ويندو آهي ۽ ان ڪري، عام اعتقاد آهي تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا وار وڍيا ويندا، تڏهن هو مري ويندو يا ڪمزور ٿيڻ لڳندو. چنانچہ، ائمبائنا جا ماڻهو سمجهندا هٿا تہ سندن طاقت انهن جي وارن ۽ هئي ۽ جيڪڏهن انهن کي وڍيو ويندو، تہ سندن طاقت کين جواب ڏيئي ويندي. انهيءَ ٻيٽ جي هڪ ڊچ عدالت ۽ هڪ ڏوهاريءَ، جنهن کي عذاب ٻئي ڏنو ويو، پنهنجي ڏوهہ تسليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان ضد ڪري رهيو هو، تانجو جڏهن سندس ٻار وڍيا ويا، تڏهن هن پنهنجي ڏوهه جو هڪدم اقرار ڪيو. هڪ ماڻهوءَ جنهن تي قتل جو مقدمو هلايو ويو، بغير ڪنهن اک ڇنپ جي، پنهنجن عذاب ڏيندڙن جي اذيت کي برداشت ڪندو رهيو، تانجو هڪ ڏينهن هن هڪ جراح کي هٿ ۾ ڪينچي ڪٽي ٻئل ڏٺو. دريافت ڪرڻ تي ته اها ڪٽنچي چا لاءِ هئي، جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو ته اها سندس وارن وڍڻ لاءِ هئي، تڏهن هن انهن کي عرض ڪيو ته اهي ائين نه ڪن ۽ ڪيس انهيءَ سزا کان بچايو وڃي. ان کان پوءِ، هن پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪيو. ان کان پوءِ هلايل مقدمن ۾، جڏهن به ٻيو ڪو عذاب ڪنهن قيديءَ کان ڏوهه جو اقرار ڪرائڻ ۾ ناڪامياب ثابت ٿيو، تڏهن ڇڇ اختياريءَ وارن ڏوهاريءَ جي وارن وڍڻ جو هڪ معمول بڻائي ڇڏيو.

هتي، يورپ ۾ هيءَ خيال ڪيو ويندو هو ته ڊائنٽين ۽ جادوگرن جون نقصانڪار طاقتون سندن وارن ۾ رهنديون هيون ۽ ان ڪري ڪابه شيءَ انهن شرارتين تي تيسين ڪوبه اثر نه ڪري سگهندي، جيسين انهن جي مٿي تي وار هوندا. چنانچه، فرانس ۾ اهو رواج هوندو هو، ته جن ماڻهن تي جادوءَ جي تهمت مڙهي ويندي هئي، تن کي عذاب پهچائيندڙ جلاد جي سپرد ڪرڻ کان اڳ، سندن سڄي بدن جا وار وڍيا ويندا هئا. ملائيس نالي هڪ شخص ٽولائوس شهر ۾ ڪن اهڙن ماڻهن جي عذاب ڪائڻ جو نظارو پنهنجين اکين سان ڏٺو هو، جن وٽان سندن ڏوهه جو اقرار وٺڻ تيسين ناممڪن ثابت ٿيو هو، جيسين انهن کي سڄو اگهاڙو ڪري، سندن سڄي بدن جا وار نه وڍيا ويا، جنهن کان پوءِ انهن سندن خلاف مڙهيل سيني الزامن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوراً اقرار ڪيو. هڪ عورت ڪي ٻڌ، جا ظاهري طور نيڪ زندگي گذاريندي هئي، جادوگرياڻيءَ هڻڻ جي الزام هيٺ اهڙي قسم جو عذاب ڏنو ويو، جنهن کي هوءَ ناقابل اعتبار استقلال سان برداشت ڪندي رهي، تانجو هن پنهنجي سڄي جسم جي وارن ڪوڙجڻ سبب، مجبور ٿي پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو. ڏاڻٽين ۽ جادوگرن جي اعمالن جو مشهور تحقيقات ڪندڙ، اسپرينگر، مشڪوڪ ڏاڻٽ يا جادوگر جي فقط مٿي ڪوڙائڻ سان ئي مطمئن ٿي ويندو هو، پر سندس رفيق ڪار، ڪيوماس، جو ننڍين ڳالهين تي وڌيڪ ڏيان ڏيندو هو، تنهن ستياليهن عورتن کي باهه جي شعلن جي سپرد ڪرڻ کان اڳ، انهن جي سڄي بدن جا وار وڍائي چڏيا. هن کي انهيءَ سخت تفتيش ڪرڻ لاءِ اعليٰ اختياري ملهل هئي، جئين ته شيطان بذاتِ خود اتر بروڪ ديول جي منبر تان ٻيهي، پنهنجن متعدد خدمتگارن کي هيءَ تسلي ڏيندو هو، ته تيستائين مٿن ڪابه آفت نازل نه ٿيندي، "جيستائين سندن وار انهن جي مٿي تي هوندا ۽ ان ڪري اهي پنهنجين اکين مان هڪ لڙڪ به وهڻ نه ڏين." ساڳيءَ طرح، هندستان جي بستار نالي هڪ صوبي ۾، "جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهوءَ تي جادوگر هڻڻ جو الزام عائد ڪيو ويندو آهي، ته ڪيس هجوم طرفان خوب مار ڏني ويندي آهي ۽ سندس وار ڪوڙيا ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته سندس وارن ۾ ان جي شرانگيزيءَ جي مڪمل طاقت موجود سمجهي ويندي آهي، ان جي منهن مان سندس اڳيان ڏند ڪوڙيا ويندا آهن ته جئين، ماڻهن جي چوڻ مطابق، ڪيس جادوءَ جي منتر آلاپڻ کان باز رکيو وڃي ..... جن عورتن تي جادوگرياڻيءَ هڻڻ جو شبهو هوندو آهي، تنهن کي به ساڳيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزمائش مان لنگھڻو پوندو آھي، جيڪڏھن سندن ڏوھ ثابت ٿيندو آھي، تہ کين ساڳي سزا ڏني ويندي آھي ۽ سندن وارن کي کوڙڻ کان پوءِ، کنھن عام رستي تي وڻ سان ٻڌو ويندو آھي."

ساڳيءَ طرح، هندستان جي پيلن ۾، جڏھن ڪنھن عورت تي جادوگرياڻيءَ ھڻڻ جو ڏوھ ثابت ڪيو ويو ۽ جڏھن ان کي وڻ سان اونڌو ڪري لٽڪائڻ، ۽ سندس اکين ۾ کارن مرچن وجھڻ جھڙن مختلف نمونن سان سائس تعذيبون ڪيون ويئون، ۽ انھن جي باوجود، ھن ڏوھ جو اقرار نہ ڪيو، تڏھن سندس وارن مان ھڪ زلف وڍي زمين ۾ دفن ڪئي ويئي، " تہ ائين معلوم ٿيو تہ جڻ سندس، ۽ سندس سابق شرارتي قوتن جي درميان ڪا آخرين ڪڙي ٽٽي پيئي." ساڳئي طريقي سان، ميڪسيڪو جي ائزٽيڪ قوم وارن ڳاڙھن هندستانين ۾، جڏھن ڊانٽئين ۽ جادوگرن کي ڪڏا ڪرتوت ڪيا ھوندا ھئا، ۽ سندن قابل نفرين زندگيءَ جي خاتمي آڻڻ جو وقت اچي ويندو ھو، تڏھن ڪونہ ڪو کين پڪڑي، سندن ٻڌن جي چوٽين وٽان وار وڍي ڇڏيندو ھو، جنھن ڪري سندن جادوءَ جون سڀ طاقتون سلب ٿي ويندیون ھيون ۽ اھوئي وقت ھوندو ھو، جڏھن عام ماڻھوءَ جي ذريعي سان سندن بد ڪردار زندگين جو خاتمو آڻي ڇڏيندا ھئا."

۲- **پوڻن ۾ خارج روح:** ان کان سواءِ، هيءَ ۾ ثابت ڪيو ويو آھي تہ لوڪ-ڪٿائن ۾ ماڻھوءَ جي زندگيءَ کي ڪڏھن ڪڏھن ٻوٽي جي زندگيءَ سان ايتري قدر وابستہ ڏيکاريو ويو آھي، جو ٻوٽي جو ڪوسائجڻ انھيءَ ماڻھوءَ جي موت کان ھڪدم اڳي يا ھڪدم پوءِ واقع ٿيندڙ ڏيکاريو ويندو آھي. اولھ آفريڪا ۾، ڪٻون جي آس پاس، "م، بينگا" قبيلي جي حبشين ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ساڻيءَ ڏينهن تي ٻه ٻار چمندا آهن، تڏهن ماڻهو هڪ ٻئي قسم جا ٻه وڻ پوکيندا آهن ۽ انهن جي چوڌاري نچندا آهن. ٻنهي ٻارن مان هر هڪ جي زندگي ٻنهي وڻن مان هڪ سان وابستہ سمجهي ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو وڻ سڙي ڏو يا ڪري ڏي، تہ اهي ماڻهو سمجهن ٿا تہ واسطيدار ٻار عنقريب مرندو. ڪشميرون ٻيٽن ۾ ٻ، ماڻهوءَ جي زندگي هر آهنگ نموني ۾ وڻ سان وابستہ سمجهي ويندي آهي. ڪالاٻار جي اولاد ٿائون جو سردار پنهنجي روح کي پاڻيءَ جي چشمي پرسان هڪ مقدس هڙيءَ ۾ رکندو هو. جڏهن ڪن يورپي باشندن مذاق يا لاعلميءَ سبب هڙيءَ جو ڪجهہ حصو وڍي ڇڏيو، تڏهن روح ڏاڍو غضبناڪ ٿيو ۽ وقت جي بادشاه جي حڪم مطابق، سردار اهڙي بدفعل ڪندڙن کي برن نتيجن جي ڌمڪي ڏني.

پاپوئن لوڪن جا ڪي ماڻهو نئين چاول ٻار جي زندگيءَ کي هر آهنگيءَ جي اصول مطابق، وڻ جي ٽڙ جي ٻاهرين چوڏي ۾ هڪ پٽي داخل ڪري، انهيءَ وڻ سان وابستہ ڪندا آهن. انهيءَ طرح ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ڪين اهڙي ٻار جي زندگيءَ ۾ڪمل اختيار حاصل ٿئي ٿو، جيڪڏهن انهيءَ وڻ کي وڍيو ويندو، تہ ٻار مري ويندو. ماٺوري قبيلي وارا ويم ٿيڻ ڪان پوءِ ٻار جي ناڙي کي ڪنهن مقدس جاءِ تي دفن ڪندا آهن ۽ ان جي مٿان هڪ ننڍو ٻوٽو پوکي ڇڏيندا هئا. جيئن وڻ وڌندو ويندو هو، تيئن ان کي "ماٺوهو اورانگا" يعني ٻار لاءِ وڏيءَ زندگيءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو، جيڪڏهن اهو سائو رهندو، تہ ٻار آسودو ٿيندو، جيڪڏهن اهو ٻوٽو يا وڻ ڪومائجي، سڙي ويندو هو، تہ ان مان ٻار جا والدين پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولاد لاءِ تمام برو شگون ڪيندا هئا. فيجي ٻيٽن جي ڪن حصن ۾ نر ٻار جي ناڙي ڪي ناريل يا "بريڊ فروٽ" وڻ جي شاخ سان گڏ پوکيو ويندو آهي ۽ ٻار جي زندگيءَ کي وڻ جي حياتيءَ سان تمام قريبي طور ڳنڍيل سمجهيو ويندو آهي. ڊچ بورنيو جي ننڍاڪ ۽ تاجان ضلعن ۾ رهندڙ ڏياڪ قوم جي ماڻهن ۾ هر ٻار لاءِ ميوي جي هڪ وڻ پوکڻ جو رواج آهي ۽ ان کان پوءِ عام اعتقاد مطابق، ٻار جي تقدير کي وڻ جي قسمت سان وابسته سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو وڻ تيزيءَ سان مٿي وڌي ٿو، ته پوءِ ٻار لاءِ چڱائي آهي، ۽ جيڪڏهن اهو وڻ ڄامڙو يا ڏنگو ڏڙو نڪري ٿو، ته پوءِ ان جي انساني نعم‌البدل لاءِ ٻه بدبختيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به توقع نه ٿي رکي سگهجي.

چيو وڃي ٿو ته روشيا، جرمنيءَ، انگلنڊ، فرانس ۽ الليءَ ۾ اڃا ٻه کي اهڙا خاندان آباد آهن، جي ٻار جي جنم وقت هڪ ئٽين وڻ پوکڻ جا عادي آهن. کين هيءَ اميد هوندي آهي ته اهو وڻ ٻار سان گڏ وڌندو ويندو، جنهن ڪري نهيءَ وڻ کي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان تاڪيو ويندو آهي. اها رسم سٽزرلنڊ جي آرگائو ضلعي ۾، اڃا تائين عام جام آهي، چوڪري لاءِ صوفن جو هڪ وڻ ۽ چوڪريءَ لاءِ ناسپاتيءَ جو هڪ وڻ پوکيو ويندو آهي ۽ ماڻهو سمجهندا آهن ته اهو ٻار وڻ سان گڏو گڏ سکي ۽ آسودو يا تباه ۽ برباد ٿيندو. ميڪلينبرگ ۾ جايل ٻار جي اورکي هڪ ننڍي وڻ جي ٻاڙ وٽ اڇلايو ويندو آهي ۽ پوءِ ٻارکي وڻ سان گڏ وڌندڙ سمجهيو ويندو آهي. ڊلهائوسي ضلعي جي قريب، جو ايڊنبرگ جي ڀرڪان گهٽو دور ناهي، شاه بلوط جو هڪ وڻ ٻيٺو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي "ايج ويل وڻ" سڏيو ويندو آهي ۽ جنهن کي عام ا تقاد مطابق، ساڳئي نالي واري خاندان جي تقدير سان هڪ پراسرار نموني سان وابستہ سمجهيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته ماڻهو چوندا آهن ته جڏهن انهيءَ خاندان جو ڪو فرد مرندو آهي، يا مرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن "ايج ويل" وڻ مان هڪ شاخ ٽٽي هيٺ ڪرندي آهي. چنانچہ، سنہ ۱۸۷۴ع جي جولاءِ مهيني جي هڪ خاموش ۽ پرسڪون ڏينهن تي، انهيءَ وڻ مان هڪ وڏيءَ ڏاريءَ کي ٽٽي هيٺ ڪرندو ڏٺي، بيلي جي هڪ پوڙهي چوڪيدار حيرت وچان چيو ته، "آقا هن گهڙيءَ مري ويو!" ۽ اُن کان جلد ئي پوءِ، هيءَ خبر ڦهلجي ويئي ته فاڪس مال، ڊلهائوسي قلعي جو يارهون اسير، انتقال ڪري ويو.

انگلنڊ ۾، ننڍن ٻارن کي "انش" وڻ جي چيريل ٽڙ وچان ڏيجڙي ۽ ڏڪڻيءَ جي بيماريءَ جي علاج طور لنگهايو ويندو آهي، ۽ ان کان پوءِ انهن ٻارن ۽ وڻ جي درسيان هڪ قسم جو هم آهنگي تعلق قائم ٿيل سمجهيو ويندو آهي. اهڙو هڪ وڻ، جو گهٽي وقت کان وٺي انهيءَ ڪم لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو، "سرلي هيٺ" جي ڪناري تي، هوڪلي هائوس کان برمنگهام ڏانهن ويندڙ رستي تي بيٺل هو. "ٽامس چنگورٿ، جو پر واري هڪ ڪيٽ جي مالڪ جو پٽ هو ۽ جو هن وقت ٽيهن سالن جو آهي، جڏهن هڪ سال جو معصوم ٻار هو، تڏهن کيس هڪ اهڙي ئي وڻ وچان لنگهايو ويو هو، جو هن وقت بہ صحيح ۽ سلامت بيٺو آهي، جنهن کي هو اهڙي احتياط سان محفوظ رکندو آهي، جو ان جي هڪ شاخ کي بہ ڪنهن کي ڇهڻ جي اجازت ڪاڻ ڏيندو آهي، چاڪاڻ ته ماڻهن جو اعتقاد آهي ته مريض جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو سڄو دارومدار انهيءَ وڻ جي حياتيءَ تي آهي ۽ جنهن ۾ گهڙيءَ ان کي ويڙيو وڃي ٿو، تنهن وقت، خواه مريض ان کان ڪيترو ئي دور هجي، اها بيماري هڪدم واپس وري ٿي، ۽ هڪ ماڻهوءَ جي موت جو سامان اهڙيءَ طرح پيدا ٿئي ٿو، جهڙيءَ طرح انهيءَ ماڻهو جو ٿيو، جو انهيءَ رسي تان هڪ گاڏو هلائي رهيو هو. "بهرحال، هيءَ ڳالهه، ڪا غير معمولي ڪانهي" مصنف لکي ٿو، "ته وڻ ڪيرائڻ کان پوءِ ۾ ڪجهه وقت تائين ماڻهو جيئرا رهن." شفايابيءَ حاصل ڪرڻ جو عام رواجي طريقو ننڍيءَ عمر واري "ائش" وڻ کي ڪجهه فوٽن تائين ڏيگهه ۾ چيرڻ ۽ صبح جو سڄ اپرڻ وقت انهيءَ چير وچان اگهاڙي پار کي ٿي يا ٿوَ پيرا لنگهائڻ جو آهي. انگلنڊ جي مغرب ۾، ڇيو ويو آهي، هار کي اهڙي چير وچان لنگهائڻ جو رستو "سڄ جي مخالف رخ" ۾ هڻڻ گهرجي. جئين ئي اها رسم ادا ڪئي ويندي آهي، تيئن ئي وڻ کي مضبوطيءَ سان ٻڌو ويندو آهي ۽ چير کي منّيءَ يا گاري سان لٽيو ويندو آهي. عام اعتقاد هيءَ آهي ته جهڙيءَ طرح وڻ وارو چير بند ٿي ويندو، اهڙيءَ طرح هار جي بدن ۾ زخم سبب آيل چير به ڇڻي ويندو. پر جيڪڏهن وڻ ۾ ڪيل چير ڪليل رهندو ته هار جي بدن وارو چير به ائين ئي ڪليل رهندو ۽ جيڪڏهن اهو وڻ سڪي، سڙي پوندو، ته هار جو موت به يقيني طرح ان جي پٽيان ئي پٽيان واقع ٿيندو.

پين مختلف مرضن، ۽ خصوصاً چيرن ۽ ڏيڇڙي جو ساڳيو ئي علاج يورپ جي پين حصن، جهڙوڪ جرمني، فرانس، ڊينمارڪ ۽ سئيڊن ۾ عام‌طرح عمل ۾ آندو ويو آهي، پر انهن سڀني ملڪن ۾ انهيءَ مقصد سان جيڪو وڻ ڪتب آندو ويو آهي، سو عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح "انش" نہ، پر شاھ بلوط آھي، ڪڏھن ڪڏھن بيد جي وڻ جي، نہ فقط اجازت ڏني ويندي آھي، پر اھو شاھ بلوط جي بجاءِ بدل طور پڻ ڏسيو ويندو آھي. انگلنڊ وانگر، ميڪلينبرگ ۾ پڻ وڻ ۽ ٻار جي درميان اھڙيءَ طرح سان جيڪو ھم آھنگ رشتو قائم ڪيو ويندو آھي، تنھن کي ڪڏھن ڪڏھن ايتريقدر تہ قريب سمجھيو ويندو آھي، جو ماڻھن ۾ ھيءَ وھم عام ويڙل ھوندو آھي، تہ جيڪڏھن وڻ کي ويڍبو، تہ ٻار مري ويندو.

۳- **ٻورن ۾ خارج روح :** پر لوڪ-آڪاڻين وانگر، عملي زندگيءَ ۾ ٻہ، انسان کي جسماني ھم آھنگيءَ جي جوڙ ذريعي محض ٻيجان شين ۽ ٻوڻن سان ئي ڪڏھن ڪڏھن ھڪٻئي سان وابستہ ڏيل ڪونہ سمجھيو ويندو آھي. ائين ٻہ سمجھيو ويندو آھي تہ اھو ئي جوڙ انسان ۽ حيوان جي درميان ٻہ قائم رھي سگھي ٿو، حتيڪ انھن ٻنھي مان ھڪ جي ٻھبوديءَ ۽ ٻلائيءَ جو ٻئي جي ڇڪيلائيءَ تي ايترو داروسدار رھي ٿو، جو جڏھن جانور مري ٿو، تڏھن واسطيدار ماڻھو پڻ مري ٿو. عام رواج ۽ قصن جي درميان مشابهت اڄا ٻہ زياده قريب آھي، چاڪاڻ تہ ٻنھي حالتن ۾ روح کي انساني جسم کان جدا ڪرڻ ۽ کيس ڪنھن جانور ۾ محفوظ رکڻ جي طاقت، دستوري طور، جادوگرن ۽ ڊائنٽين جي خصوصي مراعات ۾ ئي شامل رھي آھي. چنانچہ، سائبيريا ۾ مقيم "ياڪوت" نالي ھڪ قبيلي جي ماڻھن جو اعتقاد آھي تہ ھرھڪ جادوگر ٻنھنجو روح يا ٻنھنجن روحن مان ھڪ، ڪنھن جانور ۾ وڃي ويندو آھي، جنھن کي ھو سچيءَ دنيا جي نظرن کان خبرداريءَ سان لڪائي رکندو آھي. "ڪوبہ ماڻھو ٻنھنجي خارج روح کي نہ ٿو ڏولي سگھي". ھڪ مشھورومعروف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگر چيو تہ "اهو هتان کان گهڻو دور، ايڊزهيگانسڪ جي پٽريلن جبلن ۾ پوشيده رکيل آهي". سال ۾ فقط هڪ دفعو، جڏهن آخرين برف پگهري ويندي آهي ۽ ڏرتي کارو رنگ اختيار ڪرڻ لڳندي آهي، تڏهن جادوگرن جا اهي خارج ارواح جانورن جي صورت ۾ ماڻهن جي قيامگاهن ۾ نظر ايندا آهن. اهي هرطرف گهمندا ڦرندا آهن، پر ان جي باوجود جادوگرن کان علاوه، ڪين ٻيو ڪو به نہ ڏسي سگهندو آهي. انهن ۾ ان جيڪي طاقتور هوندا آهن، سي گوڙ گهمسان ڪندا، اڪثي وڌندا ويندا آهن. پر جيڪي ڪمزور هوندا آهن، سي چورن واڱر لڪندا، آهستي ڦرندا گهڙندا آهن، اهي گهٽو ڪري وڙهندا آهن ۽ پوءِ اهو جادوگر، جنهن جي خارج روح کي شڪست ايندي آهي، سو بيمار ٿي پوندو آهي، يا مري ويندو آهي. انهن ۾ ان انتهائي ڪمزور ۽ بزدل جادوگر اهي هوندا آهن، جن جا ارواح ڪٽن جي جسمن اندر سمايل هوندا آهن، چاڪاڻ تہ ڪتو پنهنجي انساني نعم‌البدل کي ڪوبہ آرام نہ ٿو ڏئي، پر سندس دل کي ڪٽري ٿو ۽ جسم کي چڪ هڻي، ٽڪر ٽڪر ڪري ٿو. سڀني کان زياده طاقتور جادوگر اهي هوندا آهن، جن جي خارج روحن کي سمند گوڙن، ڏاڙهن ڪارن رڇن، عقابن يا جهنگلي سوئرن جون ظاهري صورتون هوندڙون آهن. وري، تورخينسڪ علائقي ۾ آباد سئموئيڊ نسل وارن ماڻهن جي راءِ آهي تہ هڪ جادوگر وٽ هڪ حجائتو ۽ چاتل سڃاتل روح هوندو آهي، جنهن کي اهو جهنگلي سوئر جي صورت ۾ جادوءَ جي هڪ ڪمر بند ذريعي پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمائيندو ڦرندو آهي. جهنگلي سوئر جي موت تي جادوگر پاڻ به مرندو آهي، ۽ ڪن جادوگرن جي اهڙين جنگين جون آڪاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀاڻن ويندڙن آهن، جي هڪ ٻئي سان سچ پچ مقابلي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ کان اڳ، پنهنجن روحن کي وڙهڻ لاءِ موڪلينداآهن. مٿي نسل وارن جو اعتقاد آهي ته "هڪ ماڻهوءَ جوروح ٻئي ماڻهوءَ يا ڪنهن جانور ۾ داخل ٿي سگهي ٿو، يا البت انهن ٻنهي جي درميان ڪو اهڙو پر اسرار تعلق پيدا ٿي سگهي ٿو، جو منجهائن هڪ جي قسمت جو دارو مدار مڪمل طور ٻئي مٿان ٿئي ٿو."

نيو هيبرائيڊس جزيرن جي "موٽا" نالي هڪ ٻيٽ جي ميلا نيشي نسل وارن ماڻهن ۾، خارج روح جي تخيل تي روز مره جي زندگيءَ ۾ عمل ڪيو ويندو آهي. "موٽا" ٻيٽ جي مقامي ٻوليءَ جي "تمانيو" لفظ جي معنيٰ "ڪا به اهڙي جاندار يا بي جان شيءَ آهي، جنهن جي متعلق ڪنهن ماڻهوءَ کي اهڙو يقين ويهجي ويو هجي، ته ان جو وجود سندس زندگيءَ سان بلڪل قريبي تعلق رکي ٿو ..... موٽا ٻيٽ ۾ هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو پنهنجو "تمانيو" ڪوبه هوندو هو، فقط ڪن ماڻهن جو خيال هوندو هو ته سندن اهڙو تعلق ڪرڙيءَ، نانگ يا، ٽي سگهي ٿو ته ڪنهن پٿر، سان هو، ڪڏهن ڪڏهن اهڙيءَ شيءَ لاءِ جستجو ڪئي ويندي هئي، ۽ ڪيس فقط ڪن پنن جي مرڪب ٻيڙ، ۽ انهن جي ڦوڳ کي هڪ هنڌ جمع ڪري، ڏيسر ڪرڻ سان ڳولي لڌو ويندو هو، ٻوءِ جيڪا به زنده شيءَ انهيءَ ڊير اندر، يا ان جي مٿان سيپ ڪان اول ڏٺي ويندي هئي، سا "تمانيو" هوندي هئي. ان جي جاچ رکي ويندي هئي، پر ڪيس ڪارايو يا پوڄيو ڪوبه ويندو هو، مقامي ماڻهن جو اعتقاد هوندو هو ته "تمانيو" هڪ سڌ ڪرڻ سان هليو ايندو آهي ۽ جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو جاندار هوندو آهي تہ ان سان ماڻهوءَ جي زندگي قريبي طور وابستہ هوندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو (تمانيو) بي جان هوندو آهي، تہ ماڻهوءَ جي سلامتي ساڻس وابستہ هوندي آهي، جيڪڏهن اهو مرندو، يا بيجان هڻڻ جي صورت ۾، گم ٿي ويندو يا ٽٽي پوندو، تہ واسطيدار ماڻهو مري ويندو. چنانچہ، بيماريءَ جي حالت ۾، آهي ڪن خاص ماڻهن کي موڪلي، هيءَ خاطري ڪرائيندا هٿا، تہ سندن "تمانيو" صحيح سلامت ۽ چڱو پلو هو يا نہ."

جانور اندر رکيل خارجہ روح جو نظريو اولهہ آفريڪا، خاص طرح نائجيريا، ڪئميرونس ۽ گئبون جي ماڻهن وٽ عام ڏٺو وڃي ٿو. گئبون ۾ رهندڙ فانس قبيلي جي ماڻهن ۾، هرهڪ جادوگر لاءِ ائين سمجهيو ويندو آهي تہ اهو پنهنجي دستاربنديءَ جي موقعي تي پنهنجي زندگيءَ کي "رت-برادريءَ" جي رسم ادا ڪرڻ سان ڪنهن جهنگلي جانور جي زندگيءَ سان ڳنڍي ڇڏيندو آهي، هو انهيءَ جانور جي ڪَنَ ۽ پنهنجيءَ ٻانهن مان ڪجهہ رت ڪيندو آهي ۽ جانور جي نسن ۾ پنهنجو ۽ پنهنجن نسن ۾ انهيءَ جانور جو خون داخل ڪندو آهي. ان کان پوءِ انهن ٻنهي جي درميان اهڙو تہ قريبي رشتو قائم ٿي ويندو آهي، جو منجهائن هڪ جو موت، ٻئي جي موت جو باعث ٿيندو آهي. انهيءَ اتحاد سبب جادوگر جي اقتدار کي اهڙي سهوليت ملندي آهي، جنهن کي اهو مختلف طريقن سان پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪندو آهي. اول تہ پَرين جي آڪاڻين واري انهيءَ جادوگر وانگر، جنهن پنهنجي ساه کي پنهنجي وجود کان ٻاهر سلامتيءَ واريءَ ڪنهن جاءِ ۾ بطور امانت رکيو آهي، فان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگر هاڻي پاڻ کي ناقابل شڪست تصور ڪري ٿو. ان کان علاوه، جنهن جانور سان هن پنهنجي خون جي ڏي وٺ ڪئي آهي، سو سندس آشنا ٿي چڪو آهي ۽ سندس اهڙا سڀ احڪام مڃيندو، جي هو ڪيس ڏيڻ چاهيندو. چنانچه، هو پنهنجن دشمنن کي زخمي ڪرڻ ۽ مارڻ لاءِ ان کان ڪم وٺي ٿو. انهيءَ سبب ڪري، جنهن جانور سان هو رت - پائيءَ جو رشتو قائم ڪري ٿو، سو ڪنهن به صورت ۾ ڪو پالتو يا پاليل جانور ڪونه هوندو آهي، پر اهو هميشه کو خطرناڪ پوائتو ۽ وحشي جانور هوندو آهي، جهڙوڪ چيتو، ڪارو نانگ، واڳون، درياهي گهوڙو، جهنگلي سوئر يا ڪڇپ. انهن سڀني جانورن سان "فان". قوم جي جادوگرن جو زياده کان زياده مقبول ۽ عام طور آشنا جانور چيتو هوندو آهي ۽ ان کان بعد ڪاري نانگ جو وارو هوندو آهي ۽ ڪڇپ کن تمام ٿورين - حالتن ۾ اهو ڪردار ادا ڪندي آهي. ڏانڊين، خواهه جادوگرن کي پنهنجا پنهنجا آشنا هوندا آهن، پر اهي جانور، جن سان عورتن جون زندگيون اهڙيءَ طرح وابسته هونديون آهن، سي عام طور انهن کان مختلف هوندا آهن، جن کي مرد پنهنجا خارج ارواح سپرد ڪندا آهن. هڪ ڏانڊئ کي پنهنجي آشنا جي حيثيت ۾ ڪو چيتو ڪڏهن به قبول ڪونه ٿيندو آهي. پر ڪيس عام طرح نانگ جي نسل جي ڪا زهريلي جنس، ڪڏهن سنگن واري ازدها ڪڏهن ڪو ڪارو نانگ، ڪڏهن ڪو سائو نانگ، جو ڪيلي جي وڻ ۾ رهندو آهي، زياده پسند ٿيندو آهي يا ڪن وقتن تي ڪڇپ، الو، يا ڪو ٻيو شبينه پرندو هوندو آهي. هر حالت ۾ اهو جانور يا پکي، جنهن سان ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانئن يا جادوگر اهڙو پراسرار تعلق قائم ڪيو هوندو آهي، سو هميشه هڪ فرد هوندو آهي ۽ نہ هڪ جنس، ۽ جڏهن اهو هڪ جانور مري ويندو آهي، تڏهن اهو اتحاد بلڪل قدرتي نموني سان ختم ٿي ويندو آهي، چاڪاڻ ته جانور جي موت کي انهيءَ ماڻهوءَ جي موت جو پيش خيمو سمجهيو ويندو آهي.

ساڳيا ئي خيال ڪشميرون صوبي جي ڪراس درياهم جي ماڻريءَ ۾ آباد قبائلن وٽ ۾ ڏٺا وڃن ٿا. ماڻهن جي گروهن، خاص طرح هڪ ڳوٺ جي باشندن، مختلف جانورن جو انتخاب پئي ڪيو آهي، جن سان انهن پنهنجو قريبي رشتو پئي سمجهيو آهي. اهڙن جانورن مان درياهي گهوڙا، هاٿي، چيتا، واڳون، گوريلا باندر، ڇيون، نانگ، چند مثال آهن ۽ اهي سڀ جانور اهڙي قسم جا آهن، جي يا تمام طاقتور آهن يا وري اهي پاڻ کي ماڻهن جي نظرن کان پاڻيءَ يا جهنگ اندر آسانيءَ سان پوشيده ڪري سگهندا آهن. جانور- آشنا جي انتخاب لاءِ سندس پوشيده ٿيڻ جي طاقت هڪ ضروري شرط سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته جانور دوست يا مددگار مان هيءَ توقع رکي ويندي آهي، ته هو پنهنجي مالڪ جي دشمن کي لڪ چوريءَ سان نقصان رسائيندو. مثال طور، جيڪڏهن هو درياهي گهوڙو آهي، ته هو اوچتو ئي اوچتو پاڻيءَ کان ٻاهر اچي منهن ڪيندو ۽ اهڙيءَ طرح دشمن جي بتيلي کي اونڌو ڪري ڇڏيندو. انهن جانورن ۽ سندن ماڻهن، دوستن يا مائٽن مٽن ۾ اهڙو همدردانہ تعلق موجود سمجهيو ويندو آهي، جوجنهن گهڙيءَ اهو جانور مرندو، تنهن لحظي اندر ماڻهو به مرندو. ساڳيءَ طرح، جنهن گهڙيءَ ماڻهو مرندو، انهيءَ ڀرپور جانور به مرندو. انهيءَ مان هيءَ امر هڪ لازمي نتيجي طور ظاهر ٿئي ٿو ته جانور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائڻن کي ڪنهن به حالت ۾ نہ تير هڻڻ گهرجي ۽ نہ ڪنهن ٻئي طريقي سان ستائڻ گهرجي، متان انهن ماڻهن کي ڪو ضرر پهچي يا اهي مري وڃن، جن جون زندگيون انهن حيوانن جي حياتيءَ سان اهڙي نموني ڳنڍيل آهن. بهرحال، اها ڳالهه ڪوٺ جي ماڻهن کي، جن هاڻين کي پنهنجو جانور دوست ٻڌايو هوندو آهي، هاڻين جي شڪار کان نہ روڪيندي آهي. چاڪاڻ تہ اهي هاڻيءَ جي سڃيءَ جنس جو احترام نہ ڪندا آهن، پر ان جي فقط ڪن اهڙن خاص فردن جو، جيڪي ڪن مردن ۽ عورتن سان انفرادي حيثيت ۾ قريبي رشتي ۾ منسلڪ هوندا آهن، آهي ماڻهو سمجهندا آهن تہ اهي انهن مخصوص ٻاڦ - هاڻين کي انهن عام هاڻين جي ڏڻن وچان هميشه شناخت ڪري سگهندا آهن، جي محض هاڻي ئي هاڻي هوندا آهن. اها شناخت ذرحقيقت دوطرفي سمجهي ويندي آهي. جڏهن شڪاري، جنهن کي ڪو هاڻي دوست هوندو آهي، اهڙي قسم جي انسان-هاڻيءَ سان ملي ويندو آهي، جيئن اسين اهڙي هاڻيءَ کي هوند سڏيون، تڏهن اهو شاندار جانور پنهنجو هڪ پير پنهنجي منهن آڏيان جهلي، جڏ تہ ڪيس هيئن چوندو آهي تہ "تير نہ هڻجانءِ." جيڪڏهن اهو شڪاري اهڙو انسانيت سوز ثابت ٿيندو، جو اهڙي هاڻيءَ تي تير هلائي ڪيس هلاڪ ڪندو، تہ اهو ماڻهو، جنهن جي زندگي انهيءَ جانور سان وابسته هوندي، بيمار ٿي پوندو.

ڪئمير ون جي بلونگ قبيلي جا ماڻهو سمجهندا آهن تہ هو هڪ ماڻهوءَ کي هڪ ڪان وڏيڪ روح هوندا آهن، جن مان هڪ جسم اندر هوندو آهي ۽ پيو هاڻيءَ، جهنگلي سوئر، چيتي، وغيره جهڙي ڪنهن جانور اندر رهندو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمار ٿي گهر پهچندو آهي ۽ هيئن چوندو آهي، "تم آءُ جلد مرندس" ۽ هو سچ پچ مري ويندو آهي، تڏهن ماڻهو هيءَ دليل پيش ڪندا آهن ته سندس روحن مان ڪنهن هڪ کي جهنگلي سوئر يا چيتي ۾ رهندي ماريو ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سندس خارج روح جي موت هن جي جسم اندر رهندڙ روح جو موت آندو آهي. جيئرن ماڻهن جي خارج روحن جي وجود ۾ ايبو قبيلي وارن کي به، جو نائجر درياه جي ڪيٽيءَ وٽ آباد هڪ مشهور قبيلو آهي، پختو اعتقاد هوندو آهي. اهي سمجهندا آهن ته ماڻهوءَ جو روح ٽوري عرصي لاءِ سندس جسم کي ڇڏي، ڪنهن جانور جي جسم اندر پنهنجو قيامگاه ٺاهي سگهندو آهي. جيڪو ماڻهو اها طاقت حاصل ڪرڻ جو خواهان هوندو آهي، سو ڪنهن حڪمت واري ماڻهوءَ کان هڪ دوا وٺي پنهنجي ڪاڏي ۾ ملائيندو آهي. ان کان پوءِ سندس روح باهر نڪري، ڪنهن جانور اندر داخل ٿيندو آهي. اتفاق سان، جيڪڏهن اهو جانور انهيءَ وقت اندر مارجي وڃي ٿو، جڏهن انهيءَ ماڻهوءَ جو روح منجهس داخل آهي، ته اهو ماڻهو مري ٿو، ۽ جيڪڏهن اهو جانور زخمي ٿئي ٿو، ته ماڻهوءَ جو سڄو بدن هڪدم ڦرڙين سان پرجي وڃي ٿو. اهو اعتقاد ماڻهن کي مختلف قسمن جي بچڻ جي طرف مائل ڪندو آهي. چاڪاڻ ته هڪ چالاڪ بدمعاش اها دوا لڪ چوريءَ پنهنجي دشمن کي ڪاڏي ۾ ملائي ڏيندو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ جي روح کي، بنان اجازت، ڪنهن جانور اندر منتقل ڪري، انهيءَ جانور کي ماري ڇڏيندو ۽ ان سان گڏ گڏ انهيءَ ماڻهوءَ کي به ماريندو، جنهن جو روح جانور اندر مقيم هو. نائجر درياه جي منهن وٽ، ڪالابار جي حبشين جو اعتقاد آهي ته هرهڪ ماڻهوءَ، مرد خواه عورت کي چار ارواح

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

هوندا آهن، جن مان هڪ سندس جسم ڪان ٻاهر جهنگلي جانور جي صورت ۾ ٻيلي ۾ رهندو آهي. اهو خارج روح، يا جيئن سس ڪنگسلي ڪيس سڏي ٿي، اهو جهنگ وارو روح ذري گهٽ ڪوبہ جانور، مثلاً چيتو، سچي يا ڪا ڪمي ٿي سگهي ٿو، پر اهو ڪنهن بہ حالت ۾ ڪو پالتو يا گهريلو جانور ۽ ڪو ٻوٽو ڪونہ هوندو آهي، سواءِ ڪنهن روحاني نظر رکندڙ ماڻهوءَ جي حالت ڪان ڌ ٻيو ڪوبہ، پنهنجي جهنگ واري روح کي نہ ڏسي سگهندو آهي، پر هڪ روحاني نظر رکندڙ ماڻهو گهڻو ڪري ٻڌائي سگهندو تہ ماڻهوءَ جهنگ وارو روح ڪهڙي قسم جي جانور ۾ آهي ۽ ان ڪان پوءِ اهو ماڻهو احتياط ڪري انهيءَ جنس جي ڪنهن بہ جانور کي ڪونہ ماريندو آهي ۽ ٻئي ڪنهن کي بہ ماريندو ڏسندو آهي، تہ سخت اعتراض ڪندو آهي. هڪ مرد ۽ سندس پٽن جا جهنگ وارا روح عام طرح هڪ قسم جا جانور هوندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح هڪ عورت ۽ سندس ڏيئرن جا. پر ڪڏهن ڪڏهن خاندان جا سڀ ٻار پنهنجي پيءُ جو جهنگ وارو روح اختيار ڪندا آهن. مثال طور، جيڪڏهن ان جو خارج روح هڪ چيتو آهي، تہ هن جا سڀ پٽ ۽ ڏيئرون بہ چيتي کي پنهنجو خارج روح ٻڌائيندڙون. ٻئي طرف، اهي سڀ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجيءَ ماءُ جي پيروي ڪندا آهن، مثال طور، جيڪڏهن سندن ماءُ جو خارج روح ڪڇي آهي، تہ سندس پٽن ۽ ڏيئرن جا سڀ خارج ارواح ڪڇيون ئي هونداء ماڻهوءَ جي زندگي انهيءَ جانور جي زندگيءَ سان، جنهن کي هو پنهنجو خارج يا جهنگ وارو روح تصور ڪري ٿو، اهڙي قريبي رشتي ۾ منسلڪ سمجهي ويندي آهي، جو انهيءَ جانور کي ڪو زخم رسيو، يا سندس موت واقع ٿيو، تہ ان کي لازمي طور انهيءَ ماڻهوءَ جي زخم يا موت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پيش خيمو سمجهيو ويندو ۽ ان جي برعڪس، جيڪڏهن ماڻهو مري ٿو، تہ سندس جهنگ واري روح کي ان کان پوءِ ڪابہ آرام واري جاءِ نصيب ڪرائي ٿيندي. پر اهو پاڻ ٿي پوندو ۽ ٻاهر ڀر گهڙي پوندو يا ماڻهن مٿان حملو ڪندو ۽ ڪيس مٿي وارو ڏڪ هٿي ماري ويندو ۽ اهڙيءَ طرح سندس خاتمو ٿيندو.

اتر ڪالابار ۾، ايڪيٽ جي قريب هڪ مقدس ڍنڍ آهي، جنهن جي مڇين کي ڏاڍي احتياط سان محفوظ رکيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ سندن ٿي ارواح منجهن مقيم هوندا آهن ۽ ان کري جيڪا بہ مڇي ماري ويندي، تنهن سان گڏ هڪ انساني حياتيءَ جو چراغ گل ٿيندو. گهڻا سال نہ ٿيا، جو ڪالابار درياه ۾ هڪ تمام وڏو ۽ پوڙهو واڳون رهندو هو، جنهن لاءِ عام ماڻهو ائين سمجهندا هئا تہ ان ۾ هڪ سردار جو خارج روح مقيم هو، جو بذات خود جيئرو جاڳندو ڊيوڪ ٽائون ۾ رهندو هو. شڪار گيڏندڙ نائب قونصل انهيءَ جانور کي وقت بوقت شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ آخرڪار ڪنهن آفيسر ان کي گولي هٿي وڌي. في الفور انهيءَ سردار کي ٽنگ ۾ زخم ٿي پيو ۽ هو بستري داخل ٿيو. ٻاهران تہ هن ائين ظاهر ڪيو تہ ڪيس ڪتي چڪ پاتو هو، پر سياڻا پنهنجو ڪنڊ ڏوڪيندا هئا ۽ اهڙي هلڪي ۾ بيڪار ٻهاني تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. وري، نائجر درياه جي ڪنارن تي لوڪو جا ۽ ڪيٽيءَ جي درميان، جيڪي مختلف قبائل آباد آهن، تن ۾ هيءَ اعتقاد عام آهي تہ "ماڻهوءَ اندر هڪ 'متبادل خودي' هئڻ جو امڪان آهي، جا واڳونءَ يا درياهي گهوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي جانور جي صورت ۾ هوندي آهي. انهن ماڻهن جو اعتقاد آهي ته هڪ ماڻهوءَ جي زندگي انهيءَ جانور جي زندگيءَ سان ايتري قدر وابسته آهي، جو منجهائن ڪنهن هڪ کي جيڪا به شيءِ متاثر ڪندي، سا ٻئي مٿان به ساڳئي قسم جو اثر ظاهر ڪندي ۽ جيڪڏهن انهن مان هڪ مرندو، تو پيو به تمام جلد ساڳئي رستي تي گامزن ٿيندو. هن ڳالهه کي کو گهٽو زمانو ڪونہ ٿيو، جو ڪنهن انگريز ڪنهن مقامي ڪوٽ جي قريب هڪ درياهي گهوڙي کي گولي هٽي ماري وڌو، پر واري ڪوٽ جي هڪ اهڙيءَ عورت جي دوستن، جا انهيءَ رات ڪوٽ ۾ مري ويئي، سندس موت جي بدلي ۾ انهيءَ انگريز کان پنجن پائونڊن جي عيوضي جي تقاضا ڪئي، جو هن کي پري ڏيڻو پيو"

مرڪزي آمريڪا جي زئپوٽيڪ قبيلي وارن ماڻهن ۾، جڏهن ڪنهن عورت جو ويو ٿيڻ وارو هوندو هو، تڏهن سندس عزيز و اقارب جهوپڙيءَ اندر اچي جمع ٿيندا هئا ۽ زمين تي مختلف جانورن جون تصويرون ڪيڻ لڳندا هئا، پر جيئن ئي کا هڪ تصوير مڪمل ڪندا هئا، تيئن ئي ان کي ڏاهي ڇڏيندا هئا. اهو سلسلو ان وقت تائين هلندو هو، جيستائين ٻار جمندو هو ۽ ان وقت جنهن جانور جي تصوير زمين تي چاپيل رهجي ويندي هئي، تنهن کي انهيءَ ٻار جو "ٽوٽا" يا پيو وجود سڏيو ويندو هو. "جڏهن اهو ٻار ڪافي وڏو ٿي ويندو هو، تڏهن هو انهيءَ جانور کي هٿ ڪندو هو، جو سندس نمائندو هوندو هو ۽ آن جي حفاظت ڪندو هو، چاڪاڻ ته ماڻهن جو اعتقاد هو ته سندس صحت ۽ زندگي انهيءَ جانور جي صحت ۽ زندگيءَ سان وابسته هئي، درحقيقت، انهن ماڻهن جو هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال هو تہ ڪنهي جو موت هڪ ئي وقت واقع ٿيندو"، يا البت هيئن هو، تہ جڏهن جانور مرندو، تڏهن اهو ماڻهو به ان سان گڏ مرندو. ڪئپٽيمالا ۽ هونڊوراس جي ڳاڙهن هندستانين ۾، 'ناگوئال' يا 'نائوئال' "اها جاندار يا بي جان شيءَ آهي، جا عام طرح جانور جي صورت ۾ هوندي آهي، جا ڪنهن خاص ماڻهوءَ سان اهڙي متوازي رشتي ۾ منسلڪ هوندي آهي، جو ماڻهوءَ جي خوشحاليءَ ۽ بدحاليءَ جو دارو مدار 'ناگوئال' جي تقدير تي هوندو آهي." هڪ قديم مصنف مطابق، ڪئپٽيمالا جي گهڻن هندستانين کي "شيطان دوکو ڏيئي، منجهن هيءَ اعتقاد ويهاريو آهي تہ سندن زندگيءَ جو انحصار فلاڻي يا فلاڻي جانور (جنهن کي اهي پنهنجو آشنا روح تصور ڪندا آهن) جي حياتيءَ تي آهي، جنهن ڪري اهي سمجهندا آهن تہ جڏهن اهو جانور مرندو، تڏهن اهي به ضرور مرندا؛ جڏهن به ڪو شڪاري انهيءَ جانور جو تعاقب ڪندو آهي، تڏهن سندن دليون ڌڙڪنديون آهن؛ جڏهن اهو بي حال هوندو آهي، تڏهن اهي به بي حال هوندا آهن. پر نہ، ڪڏهن تہ هيئن به ٿيو آهي، جو شيطان جي حرفت سبب اهي انهيءَ جانور جي صورت ۾ نظر آيا آهن (جو عام طرح سندن انتخاب موجب هرڻ، ڦاڙهو، شينهن، چيتو ڪتو يا عقاب هوندو آهي) ۽ انهيءَ صورت ۾ سڀن وار ڪيا ويا آهن ۽ ڪين زخمي ڪيو ويو آهي." انهن هندستانين کي يقين هوندو هو تہ سندن "ناگوئال" جو موت، سندن موت آڻيندو. روايتن مان هيءَ تصديق ٿئي ٿي تہ هسپانونين سان پهرين جنگين ۾، جي ڪئپٽزالٽينانگو جي ميدان ۾ وڙهيون ويون هيون، هندستاني سردارن جا "ناگوئال" نانگن جي صورت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهيا هئا. سيني کان وڏي سردار جو "ناگوئال" خاص طور نمايان هو، چاڪاڻ ته اهو هڪ وڏي پکيءَ جي صورت ۾ هو، جو سبز رنگ جي ڪنين سان سينگاريل هو. هسپانوي جنرل، پيڊرو ڊي الورادو، انهيءَ پکيءَ کي پنهنجي پالي سان ماريو ۽ انهيءَ ئي دم ۾ هندستاني سردار مري، ڏرتيءَ تي وڃي ڪريو.

ڏکڻ ايرندي آسٽريليا جي گهڻن قبيلن جا سرد ۽ زالون جانورن جي هڪ مخصوص قسم کي انهيءَ ئي نظر سان ڏسندا هئا، جنهن سان مرڪزي آمريڪا جا هندستاني پنهنجي "ناگوئال" کي ڏسندا هئا، پر منجهن هيءُ فرق ضرور هو ته هڪ طرف، جتي هڪ هندستاني انهيءَ هڪ جانور کي سڃاڻندو هو، جنهن سان سندس زندگي وابسته هوندي هئي، اتي آسٽريليا وارن کي فقط هيءَ خبر هوندي هئي ته منجهائن هرهڪ جي زندگي انهيءَ قسم جي ڪنهن به هڪ جانور سان وابسته هئي ۽ اهي ائين نه چئي سگهندا هئا ته ڪهڙي سان. نتيجو لازمي طور هيءُ نڪرندو هو، جو هرهڪ ماڻهو اهڙي خاص قسم جي انهن سيني جانورن کي بچائيندو ۽ سندن حفاظت ڪندو هو، جن سان ماڻهن جون حياتيون وابسته هونديون هيون ۽ هرهڪ عورت انهيءَ قسم جي سيني اهڙن جانورن کي بچائيندي ۽ سندن حفاظت ڪندي هئي، جن سان سيني عورتن جون زندگيون وابسته هونديون هيون، چاڪاڻ ته ڪنهن کي به هيءَ خبر ڪانه هوندي هئي ته انهيءَ قسم جي ڪهڙي جانور جو موت سندس ئي موت جو سبب ٿي پوندو، بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ طرح سبز پکيءَ جي مارجي وڃڻ کان هڪدم پوءِ هندستاني سردار جو موت واقع ٿيو هو، ۽ پرين واريءَ ڳالهه ۽ طوطي جي موت کان پوءِ پنڇڪن جادوگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو موت ٿيو هو. چنانچ، مثال طور، ڏکڻ - اوپر آسٽريليا جي ووٽجوباڪ قبيلي وارن جي "راءِ هئي ته نگونونگونوت (چمڙي) جي زندگي، مرد جي زندگي آهي ۽ يارتاڪگورڪ ('نائيٽ جار، نالي هڪ پرندو) جي زندگي، عورت جي زندگي آهي.' جڏهن انهن مان ڪنهن هڪ پکيءَ کي ماريو ويندو آهي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن مرد يا عورت جي زندگيءَ جو پڇاڙو لبريز ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ قبائلي چانوڻيءَ ۾ رهندڙ هر هڪ مرد يا هر هڪ عورت کي هميشه هيءَ انديشو رهندو هو، ته متان هو يا هوءَ شڪار ٿي پوي ۽ ان سبب ڪري هن قبيلي ۾ تمام گهڻا فساد برپا ٿيندا هئا. مون کي معلوم ٿيو آهي ته انهن جهگڙن ۾، جتي مرد هڪ طرف ۽ عورتون ٻئي طرف ٿي بيهندڙون هيون، اتي هيءَ پڪ کان ٿي سگهندي هئي ته ٻنهي مان کهڙي ڏر فتحياب ٿيندي، چاڪاڻ ته ڪن موقعن تي عورتون ٻنهنجين لٽين سان مردن کي تمام سخت مار ڪيندڙون هيون ۽ مرد گهٽو ڪري عورتن کي پالن سان مجروح ڪندا هئا ۽ ڪين ماري ۾ ڇڏيندا هئا." ووٽجوباڪ قبيلي وارا چوندا هئا ته چمڙو مرد جو "ياءِ" هو ۽ 'نائيٽ جار' پکي، ان جي "زال". جانورن جا اهي مخصوص قسم، جن سان مردن ۽ عورتن جون زندگيون علي‌الترتيب وابسته سمجهيون ويندڙون هيون، هڪ کان ٻئي قبيلي ۾ مختلف هوندا هئا. چنانچ، هڪ طرف، جتي ووٽجوباڪ قبيلي ۾ چمڙو مردن جو جانور هوندو هو، ته ٻئي طرف اوئر ٻري درياهه جي ڪناري تي گنبوئر ڪريڪ وٽ، چمڙو عورتن جو جانور معلوم ٿئي ٿو. چاڪاڻ ته مقامي ماڻهو ڪيس هن سبب ڪري نه ماريندا هئا، ته "جيڪڏهن ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماريو ويندو، تہ سندن 'لوبرائن'، يعني عورتن مان ڪنهن هڪ جو موت يقيني ٿيندو." پر خصوصي قسم جو اهو ڪهڙو به جانور هوندو هو، جنهن سان مردن ۽ عورتن جي زندگين کي وابستہ سمجهيو ويندو هو، بهرحال خود اهو اعتقاد ۽ اهي جهيڙا ۽ جنگيون، جي انهيءَ سبب ڪري وڙهيون ويندڙون هيون، ڏکڻ اپرندي آسٽريليا جي تمام وڏي حصي ۾ عام هوندڙون هيون ۽ ممڪن آهي تہ آهي اڄ به شايد اڳي کان زياده وسيع دائري وڙهيون ويندڙون هجن. اهو اعتقاد ڏاڍي سنگين نوعيت جو هو ۽ اهڙيءَ ئي سنگين نوعيت جا آهي جهگڙا ۽ فساد هوندا هئا، جي ان جي سبب ڪري وجود ۾ ايندا هئا. چنانچہ، وڪٽوريا جي ڪن قبيلن ۾، "عام چمڙو مردن جو جانور هوندو آهي، جي ڪيس نقصان پهچائڻ کان بچائيندا رهندا آهن، حتيٰ ڪ ان جي بچاءَ ۾ اهي پنهنجين زالن کي به اڏ-مٽو ڪندا آهن. گاهہ جو آلو يا وڏي ذات وارو "گوٽ سکر" پکي عورتن جو هوندو آهي ۽ جيتوڻيڪ اهو بدشگونيءَ وارو پکي آهي، چاڪاڻ تہ اهو پنهنجي ڪرخت آواز سبب رات جي وڳڙي ۾ هراس ۽ دهشت ڦهلائيندو آهي، ان جي باوجود عورتون ان جي سختيءَ سان حفاظت ڪنديون آهن. جيڪڏهن ڪو مرد انهن پکين مان ڪنهن هڪ کي به ماري وجهندو آهي، تہ انهن کي ايترو تہ غصو چڙهندو آهي، جو تہ اهو سندن ڪو ٻار هو، جنهنڪري اهي انهيءَ مرد کي پنهنجن ڏگهن لکڙن سان مارڻ ۾ ڪوبہ احتراز نہ ڪنديون آهن."

آسٽريليائي مردن ۽ عورتن طرفان چمڙن ۽ آلن جي (چاڪاڻ تہ چمڙا ۽ آلو ئي پنهي جنسن لاءِ عام طور مخصوص ٿيل هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن) ايتريقدر سختيءَ سان جيڪا حفاظت ڪئي وڃي ٿي، سا خالص خود غرضانہ ارادن ۽ مطلبن تي مبني ڪانہ آهي. چاڪاڻ تہ هرهڪ ماڻهوءَ ڪي هيءَ يقين هوندو آهي تہ نہ فقط سندس پر سندس ٻيءَ، پائرن ۽ ٻڍن وغيره جون زندگيون پڻ ڪن خاص چمڙن جي زندگين سان وابستہ آهن ۽ ان ڪري چمڙي جي سڄي قوم جي حفاظت ڪرڻ ۾، هو پنهنجن سيني نر مائڻن جي زندگين ۽ پنهنجيءَ زندگيءَ جي حفاظت ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح هرهڪ عورت جو اعتقاد آهي تہ سندس ماڻ، پينرن ۽ ڏيئرن وغيره جي حمايتن ۽ خود سندس حياتيءَ جو سڄو دارومدار ڪن خاص ڪلن جي حياتيءَ تي آهي ۽ ان ڪري ڪلن جي سڄيءَ قوم جي زندگين جي حفاظت ڪرڻ ۾، هوءَ پنهنجين سيني مائٽياڻين جي زندگين جي حفاظت سان گڏو گڏ، پنهنجيءَ زندگيءَ جي پڻ حفاظت ڪري ٿي. هاڻي، جڏهن ماڻهن جون زندگيون اهڙيءَ ريت ڪن جانورن ۾ سمايل سمجهيون وڃن ٿيون، تڏهن هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ اهڙن ماڻهن ڪي انهن جانورن کان يا اهڙن جانورن ڪي انهن ماڻهن کان مشڪل ئي سڃاڻي سگهبو. جيڪڏهن منهنجي پاڻ، جان جي حياتي هڪ چمڙي ۾ آهي، تہ پوءِ هڪ طرف اهو چمڙو منهنجو پاڻ ۽ "جان" آهي ۽ ٻئي طرف، هڪ مفهوم ۾، "جان" هڪ چمڙو آهي، چاڪاڻ تہ سندس حياتي هڪ چمڙي ۾ آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح، جيڪڏهن منهنجيءَ ٻيڙ، ميريءَ، جي حياتي هڪ ڪلوءَ ۾ آهي، تہ پوءِ اهو الو منهنجي ٻيڙ آهي ۽ ميري هڪ الو آهي. اهو تہ هڪ بلڪل لازمي ۽ فطرتي نتيجو آهي، ۽ آسٽريليائي قبيلا ان تائين پهچڻ ۾ ناڪامياب ڪونہ ٿيا آهن. جڏهن هڪ چمڙو مرد جو جانور هوندو آهي، تڏهن ڪيس پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيو ويندو آهي ۽ جڏهن هڪ چمڙو عورت جو جانور هوندو آهي، تڏهن ڪيس سندس پيٽ سڏيو ويندو آهي. ان جي برعڪس، هڪ مرد هڪ عورت کي الوءَ جي نالي سان خطاب ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هوءَ ساڻس چمڙي جي نالي سان مخاطب ٿيندي آهي. ساڳي ئي حالت انهن بين جانورن جي آهي، جي بين قبيلن ۽ ٻنهي جنسن لاءِ مخصوص ٿيل هوندا آهن. مثال طور، "ڪرنائي" قبيلي وارن ۽ سيئي "ايمو- جهرڪ" مردن جا "پائر" هوندا هئا ۽ سيءِ مرد "ايمو- جهرڪ" هوندا هئا، سيئي لاثاني ڪائيندڙ پکي عورتن جون "پينر" هونديون هيون ۽ سيئي عورتون لاثاني ڪائيندڙ پکي هونديون هيون.

پر، جڏهن جڏهن هڪ وحشي ڪنهن جانور جو نالو پاڻ رکي ٿو ۽ ڪيس ٻنهنجو پاڻ سڏي ٿو ۽ ڪيس مارڻ کان انڪار ڪري ٿو، تڏهن اهو هن جو علامتي جانور آهي. چنانچہ، ڊڪٽ ايرندي آسٽريليا جي قبيلن ۾ جن تي اسين غور ڪندا رهيا آهيون چمڙي، الوءَ، "ايمو- جهرڪ"، ۽ "لاثاني ڪائيندڙ پکيءَ" کي، بلڪل موزون طرح، ٻنهي جنسن جا علامتي پکي سمجهي گهرجي. پر علامت کي فقط هڪ جنس لاءِ مخصوص ڪرڻ جو رواج نسبتاً ڏاڍو ناياب آهي، جو هن وقت تائين آسٽريليا کان علاوه، ٻيو ڪٿي ٻ ڪونہ ڏٺو ويو آهي. ان کان زياده عام طور علامت ڪنهن هڪ جنس لاءِ نہ، پر سڄي قبيلي لاءِ مخصوص ڪئي ويندي آهي ۽ اها پشت بپشت، ورثي طور پيءُ يا ماءُ جي خاندان ۽ هلندي رهندي آهي. هر فرد جو قبيلائي علامت سان جيڪو تعلق ٿئي ٿو، سو انهيءَ تعلق کان مختلف ناهي، جو هڪ فرد جو جنسي علامت سان واسطو آهي، هو ڪيس نہ ماريندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس پنهنجو پاڻ سڏيندو ۽ هو پاڻ کي ان جي نالي سان سڏائيندو. هاڻي، جيڪڏهن اهي تعلق ساڳيا آهن، تہ پوءِ جيڪا سمجهاڻي هڪ حالت ۾ صحيح آهي، سا لازمي طور ٻيءَ ۾ ب درست هوندي گهرجي. ان ڪري، جنهن سبب ڪري هڪ قبيلو جانورن يا پوڻن (چاڪاڻ تہ قبيلائي علامت پوڻو ب ٿي سگهي ٿو) جي هڪ مخصوص جنس جو احترام ڪري ٿو ۽ پاڻ کي ان جي نالي سان سڏي ٿو، سو هيءَ اعتقاد معلوم ٿئي ٿو تہ قبيلي جي فرد جي زندگي انهيءَ جنس جي ڪنهن هڪ جانور يا پوڻي سان وابستہ آهي، ۽ اُن ڪري انهيءَ مرد يا عورت جو موت انهيءَ خاص جانور کي مارڻ يا انهيءَ خاص پوڻي کي ناس ڪرڻ جي فعل جو نتيجو ٿيندو. علامتن هيٺ جي رواج جي اها سمجهاڻي، سر جارج گيري جي طرفان اولهہ آسٽريليا ۾ علامت يا 'ڪوبونگ' جي باري ۾ ڪيل وضاحت سان بلڪل ڇڳيءَ طرح ٺهڪي اچي ٿي. هو چوي ٿو تہ "هڪ خاندان ۽ ان جي 'ڪوبونگ' جي درميان هڪ پرسرار تعلق قائم سمجهيو ويندو آهي. ايتريقدر، جو انهيءَ خاندان جو ڪو مرد انهيءَ جنس جي ڪنهن ب جانور کي ننڊ ۾ ڏسندو، جنهن سان سندن "ڪوبونگ" وابستہ هوندو، تہ ب ڪيس نہ ماريندو. درحقيقت، هو ان کي هميشہ بي دليءَ سان ماريندو آهي ۽ سو ب تڏهن، جڏهن هن کي هڪدفعو پڇڻ جو موقعو ڏيندو. اها ڳالهہ هن خانداني اعتقاد سبب وجود ۾ آيل آهي تہ انهيءَ جنس جو ڪو فرد واحد سندن عزيز ترين دوست آهي، جنهن کي مارڻ وڏو ڏوهہ آهي ۽ جنهن کان هميشہ پاسو ڪرڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح، جنهن مقامي باشندي جو "ڪوبونگ" ڪا پاڇي هوندي آهي، تنهن کي ڪن حالتن ۾ سال جي خاص وقت ۾ ويڙهڻ جي اجازت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڻ هوندي آهي." هتي، هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته جيتوڻيڪ هرهڪ ماڻهو انهيءَ خاص جنس جي سڀني جانورن يا پوڻن کي چڏي ڏيندو آهي، ان جي باوجود، اهي سڀئي هڪ ئي نموني سان ان جي نظرن ۾ قابل قدر ڪونه هوندا آهن. بلڪل نئين سڃي نوع مان فقط هڪ عدد اهڙو هوندو آهي، جو ڪيس خاص طرح پيارو هوندو آهي. پر جيڪڏهن ته ڪيس اهو پڻ ڪونه هوندو آهي ته سندس پيارو ڪهڙو آهي، ان ڪري هن کي انهيءَ جنس جي سڀني افراد کي هن ڊپ کان چڏي ڏيڻو پوندو آهي، ته متان هو پنهنجي انهيءَ پياري کي مجروح ڪري وجهي. وري خانداني علامت جي اها سمجهاڻي خانداني علامتي جنس سان ڪنهن هڪ جانور کي مارڻ جي مبينه اثر سان لهڪي اچي ٿي. "هڪ ڏينهن ڪنهن سياهفام ماڻهوءَ ڪاڻ ماريو، ٿي چار ڏينهن پوءِ ٻُري ۽ نالي هڪ 'موڻوا' (ڪاڻ) [يعني 'ڪاڻ' قبيلي جو هڪ ماڻهو] سري ويو. هو ڪجهه ڏينهن ڪان وڌي بيمار هو، پر سندس 'ونگانگ' (علامت) سندس موت جي رفتار تيز ڪري وڌي." هتي، ڪاڻ جي مارجڻ ڪاڻ قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ جو بلڪل اهڙيءَ طرح موت آندو، جهڙيءَ طرح جنسي علامتن جي حالت ۾، چمڙي جو سوت چمڙي - ماڻهوءَ جو سوت آڻي ٿو يا الوءَ جو سوت الو- عورت جو موت آڻي ٿو. ساڳي ئي نموني، وچ آمريڪا جي هڪ هندستاني جي 'ناگوئال' جو موت، سندس مالڪ جو موت آڻي ٿو، ڪالا بار جي حبشيءَ جي جهنگ واري روح جو موت خود حبشيءَ جو موت آڻي ٿو، بئنڪس ٻيٽن جي مقامي باشندي جي 'تمانيو' جو موت سندس مالڪ جو موت آڻي ٿو ۽ انهيءَ جانور جو موت، جنهن ۾ پَرين وارين ڳالهه جي جادوگر يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديو پنهنجو ساه رکيو آهي، انهيءَ جادوگر يا ديو جو موت آڻي ٿو.

چنانچ، معلوم ٿئي ٿو ته "انهيءَ ديو، جنهن جي بدن اندر دل کانه هئي"، واري ڳالهه انهيءَ تعلق جي کنجيءَ جو کم ڏئي ٿي، جو هڪ ماڻهوءَ ۽ سندس علامت جي درميان موجود سمجهيو وڃي ٿو. علامتي شيءَ، انهيءَ نظريي مطابق، محض هڪ اهڙو برتن آهي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو پنهنجي حياتي رکي ٿو، جيئن پنڇڪن پنهنجي حياتي هڪ طوطي ۾ ۽ بيداسريءَ پنهنجي زندگي هڪ سونهري مڇيءَ ۾ رکي هئي. انهيءَ نظريي جي خلاف هيءَ کو جائز دليل کونهي ته جڏهن هڪ وحشيءَ کي جنسي ۽ خانداني علامتون آهن، تڏهن سندس زندگي پن مختلف جانورن سان وابسته هوندي، جن سان کنهن به هڪ جو موت سندس موت جو باعث ٿيندو. جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جي جسم اندر سندس روح جي رهڻ لاءِ هڪ کان زياده جايون آهن، ته پوءِ هن کي (هڪ وحشي شايد اُئين دليل بازي کري) جسم کان باهر به چو نه هڪ کان زياده جايون هجن؟ جنهن صورت ۾ هو پنهنجيءَ زندگيءَ کي پاڻ کان باهر رکي سگهي ٿو، تنهن صورت ۾ هو چو نه ان جو هڪ حصو هڪ جانور ڏانهن ۽ ٻيو ٻئي کنهن ڏانهن منتقل کري؟ زندگيءَ جي تقسيم ٽين جي اها خوبي يا بين لفظن ۾ چئجي ته روحن جي انهيءَ جميعت جو نظريو اهڙو آهي، جنهنجو روز مره جي گهٽين ڏ ڏل وائڙل ڳالهين ۾ نشان ملي ٿو ۽ جنهن پاڻ کي افلاطون جهڙن فيلسوفن خواه وحشين وٽ ساڳيءَ طرح مقبول کيو آهي. روح جو نظريو، نيم-سائنسي قياس کان ڦري، جڏهن فقط جو هڪ اصول ٽي پوي ٿو، فقط تڏهن ئي انهيءَ جي اتحاد ۽ ناممکن التفريق خوبيءَ کي اهم قرار ڏنو وڃي ٿو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحشي، جو اصول جي زنجيرن کان آزاد آهي، سو زندگيءَ جي حقيقتن کي ايترن روحن جي فرضي وجود ذريعي سمجهائڻ لاءِ به آزاد آهي، جيترن کي هو ضروري سمجهي ٿو. چنانچ، مثال طور، ڪريب قبيلي جي ماڻهن جو خيال هو ته هڪ روح مڻي ۾، هڪ دل ۾ ۽ ٻيا ارواح اهڙن سيني هنڌن تي رهن ٿا، جتي نبض ڏڙڪندي معلوم ٿئي ٿي. هداتسا قبيلي جا ڪي ڳاڙها هندستاني تدريجي موت جي قدرتي سلسلي کي، جڏهن ماڻهوءَ جا هٿ ۽ پير اڳ ۾ بي جان ٿي ويندا آهن، هيئن سمجهائيندا آهن ته ماڻهوءَ کي چار ارواح هوندا آهن، جي انساني جسم کي هڪ وقت نه، پر هڪ ٻئي جي پٺيان ڇڏيندا آهن ۽ انساني جسم جي هلاڪت فقط تڏهن ئي مڪمل ٿيندي آهي، جڏهن چارئي ارواح نڪري ويندا آهن. بورنيو جي ڊياڪ قبيلي جي ڪن ماڻهن ۽ ملايا ڳچي ذرتيءَ جي ڪن "مئلي" باشندن جو اعتقاد آهي ته ماڻهوءَ کي ست ارواح هوندا آهن. سيليبس ۾ پيسو جي آلفورڊ نسل وارن جي راءِ ۾ ماڻهوءَ کي ٽي ارواح آهن. لائوس جي مقامي باشندن جو خيال آهي ته ماڻهوءَ جي جسم اندر ٽيهه روح رهندا آهن، جي هٿن، پيرن، وات، اکين وغيره ۾ رهندا آهن. چنانچ، قديم ماڻهن جي نقطه نگاه کان، بلڪل ممڪن آهي ته هڪ وحشيءَ جو هڪ روح سندس جنسي علامت ۾ ۽ ٻيو سندس خاندائي علامت واري جانور ۾ هجي. بهرحال، جيئن مون اڳ ۾ به چيو آهي، خاندائي علامتن جو وجود آسٽريليا کان علاوه، ٻئي ڪنهن به هنڌ نه ڏٺو ويو آهي، چنانچ، قاعدي موجب جيڪو به وحشي علامتي روحن جي رسمن کي ادا ڪري ٿو، تنهن جي جسم اندر هڪ ئي وقت هڪ کان زياده روحن جو هروپرو موجود هڻ ضروري ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامتي جانور وغيره کي هڪ اهڙي برتن سمجهڻ جو نظريو، جنهن موجب ماڻهو پنهنجي روح، يا پنهنجن روحن مان هڪ، کي رکي ٿو، جيڪڏهن صحيح آهي، تہ پوءِ اسان کي اهڙن علامتي جانورن وغيره ۾ اعتقاد رکندڙ ڪنهن اهڙي قوم جي دستياب ٿيڻ جي اميد ۾ رکي گهرجي، جنهن لاءِ هيءَ ڳالهہ خاطريءَ سان چئي سگهجي تہ منجهائتن هر هڪ ماڻهو پنهنجو هڪ روح مستقل طور پنهنجي جسم کان ٻاهر رکندو هوندو ۽ انهيءَ خارج روح جي هلاڪ ٿيڻ کي سندس مالڪ جي موت جو باعث يا پيش خيمو سمجهيو ويندو هوندو. سوماترا جي بٽڪ نسل جا لوڪ اهڙين قومن مان آهن. بٽڪ لوڪ اهڙن قبيلن (مارگار) ۾ تقسيم ٿيل آهن، جي پنهنجي خاندان کان ٻاهر شاديون ڪندا آهن، جن ۾ پيءُ کان پٽ کي ورثو ملندو آهي ۽ هر هڪ قبيلي کي هڪ خاص نسل جي جانورن جي گوشت کائڻ کان منع ٿيل هوندي آهي. هڪ اهڙي قبيلي کي چيتي جي گوشت کائڻ کان منع ٿيل هوندي آهي، ٻئي کي باندر جي گوشت کان، ٽئين کي واڳونءَ جي گوشت کان، چوٿين کي ڪتي جي گوشت کان، پنجين کي ٻليءَ جي گوشت کان، ڇهين کي ڳيري جي گوشت کان، ستين کي اڇيءَ مينهن جي گوشت کان ۽ ٻئي ڪنهن قبيلي کي ماڙ کان. قبيلي جي ماڻهن طرفان انهيءَ خاص جانور جي گوشت کائڻ کان پرهيز ڪرڻ لاءِ جيڪو سبب پيش ڪيو ويندو آهي، سو يا تہ هيءَ هوندو آهي تہ اهي انهيءَ نسل جي جانورن مان پيدا ٿيا آهن، ۽ انهن جا روح موت کان پوءِ شايد انهن جانورن جي قالبن ۾ منتقل ٿين، يا آهي ٻاڻ يا سندن ابا ۽ ڏاڏا انهن جانورن جي زير احسان آهن. ڪڏهن ڪڏهن، پر هميشہ نہ، خود قبيلي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جانور جو نالو رکيل هوندو آهي. چنانچ، ٻڌڪ قبيلي وارن ۽ علامتي جانورن رکڻ جو عام رواج هو. ان کان علاوه، ٻڌڪ قبيلي جي هر هڪ ماڻهوءَ جو اعتقاد آهي ته ڪيس ست يا ڪجهه محدود شمار مطابق، ٽي روح هوندا آهن. انهن روحن مان هڪ هميشه باهر رهندو آهي، پر ان جي باوجود، جڏهن به آهو روح مرندو آهي، خواه اهو ان وقت ڪيترو به دور هجي، تڏهن اهو ماڻهو به انهيءَ گهڙيءَ اندر مرندو آهي. جنهن مصنف انهيءَ اعتقاد جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن ٻڌڪ لوڪن جي علامتي نشانن متعلق ڪجهه به نه چيو آهي؛ پر اسين آسٽريليائي، وچ آمريڪي ۽ آفريڪي شهادتن جي يڪسانيت جي بنياد تي هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته خارج روح، جنهن جو موت سندس مالڪ جي موت جو باعث ٻڌجي ٿو، ڪنهن نه ڪنهن علامتي جانور يا ٻوٽي اندر مقيم رهي ٿو.

انهيءَ نظريي جي مقابلي ۾ هيءَ ڳالهه مشڪل ئي بغاوت ڪندي نظر اچي ٿي ته ٻڌڪ نسل جو ڪوبه فرد واضح لفظن ۾ هيءَ اقرار نه ٿو ڪري ته سندس خارج روح سندس علامتي جانور يا ٻوٽي اندر مقيم آهي، پر هو پنهنجي قبيلي جي مخصوص مقدس جانور يا ٻوٽي کي احترام ڏيڻ جا ڪي ٻيا سبب پيش ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هڪ وحشي بلڪل سنجيدگيءَ سان هن ڳالهه ۾ پختو اعتقاد رکي ٿو ته سندس زندگي ڪنهن خارجي شيءَ سان وابسته آهي، ته هيءَ ڳالهه آخرين درجي تائين غير امڪاني آهي ته هو ڪنهن به اجنبيءَ کي پنهنجي انهيءَ رازکان واقف ڪندو. جيڪي به ڳالهيون سندس خانگي زندگيءَ جي اعتقادن سان واسطو رکن ٿيون، تن ۾ هڪ وحشي ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي شڪي ۽ خاموش طبيعت ٿئي ٿو، يورپي باشندن وچ‍ين ۾ گهٽيئي سال گذاريا آهن، پر اهي سندن مذهب جي وڏن رکڻ ڪال واقفيت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب رهيا آهن ۽ آخر ڪار جيڪي ڪجهه معلوم ڪري سگهيا آهن، سو محض ڪنهن اتفاق يا حادثي جي نتيجي طور، ٻين سڀني ڳالهين کان علاوه، هڪ وحشي ماڻهو جادوءَ جي ذريعي قتل ٿيڻ جي انتهائي ۽ دائمي خوف ۾ رهندو آهي، هو سمجهندو آهي ته سندس جسم کان جدا ٿيل هلڪل خسيس شين، جهڙوڪ سندس بدن تان ڪوڙيل وارن ۽ نهن جي ذرن، ٽُڪ، کاڌي جي اوبر، حتيٰ ڪ سندس نالي کي به هڪ هوشيار جادوگر سندس تباهيءَ جو سامان بڻائي سگهي ٿو، جنهن ڪري هو اهڙين سڀني شين کي لڪائڻ ۽ ناس ڪرڻ ۾ همیشه احتياط کان ڪم وٺندو آهي. پر، جيڪڏهن هو اهڙن معاملن ۾، جي سندس دنيوي زندگيءَ جا محض خارجي برج ۽ فصيلون آهن، ايتريقدر شڪي آهي ۽ انهن ۾ اهڙيءَ رازداريءَ کان ڪم وٺي ٿو، ته پوءِ اها پوشيدگي ڪيتريقدر نه سخت ۽ اهو حجاب ڪيتريقدر نه بي‌گذر هوندو، جنهن ۾ هو پنهنجي وجود جي اندروني قلعي کي وکوڙي رکندو هوندو! پرين واريءَ ڳالهه ۾، جڏهن شهزادي ديو کان هيءَ ڳالهه دريافت ڪري ٿي ته هو پنهنجو روح ڪٿي رکندو آهي، تڏهن هو ڪيس کوڙا ۽ ٽارڻ وارا جواب ڏئي ٿو ۽ هوءَ تمام گهٽيءَ محبت ۽ حرفت کان ڪم وٺڻ کان پوءِ ٿي هن سان اهو راز چڪي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي. پنهنجي سڪوت ۽ خاموشيءَ ۾، ديو هڪ خائف وحشيءَ سان مشابهت رکي ٿو، پر هڪ طرف ته آڪاڻيءَ جي ضرورتن جي تقاضا آهي ته ديو آخر ڪار پنهنجو راز افشا ڪري، ٻئي طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو ڪوبہ زور يا ڪابہ زبردستي ڪانهي جا هڪ وحشيءَ کي ڏيئي، ڪيس هڪ اجنبيءَ آڳيان پنهنجي روح جي پوشيده جاءِ ظاهر ڪرڻ ۾ اهڙيءَ طرح ان کي خطري ۽ وجهڻ لاءِ آماده ڪري سگهي. ان ڪري هن ڳالهہ ۽ ڪوبہ تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ هڪ وحشيءَ جي زندگيءَ جو مرڪزي راز ايتري زماني تائين ڪيئن هڪ اسرار رهجي ويو ۾ اسان لاءِ ان جي منتشر ٿيل اشارن ۾ ٽڪرن ٽيرن جي ڳالهين ۽ باقي رهيل يادگيرين کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ ۾ ڪيڏن ڪان علاوہ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونہ بچيو.

۴- **موت ۽ حشر جون رسمون** : علامتي جانورن ۾ ٻوٽن ۽ اعتقاد رکڻ جو هيءَ نظريو مذهبي رسمن جي هڪ اهڙي طبقي تي روشني وجهي ٿو، جنهن جي متعلق، جيسين مون کي علم آهي، ڪابہ معقول سمجهاڻي پيش ڪانہ ڪئي ويئي آهي. گهڻن قبيلن، خاص طور انهن ۽، جيڪي علامتي جانورن ۾ ٻوٽن ۽ اعتقاد رکندڙ آهن، چوڪرن جي سن بلوغت ۽ پهچڻ تي ڪي خاص رسمون، خصوصاً ڪين قتل ڪري وري زنده ڪرڻ جون رسمون، ادا ڪيون ويندیون آهن. اهڙا رواج هن طرح قابل فهم ٿي پون ٿا، جيڪڏهن اسين هيءَ فرض ڪريون تہ انهن جو مقصد چوڪري جي روح کي باهر ڪڍي، سندس علامت جانور اندر داخل ڪرڻ جو آهي. چاڪاڻ تہ سندس روح جي باهر ڪڍڻ جي عمل کي چوڪري جي موت يا ڪم از ڪم موت جهڙيءَ بيهوشيءَ جي مترادف سمجهيو وڃي ٿو، جنهن کي هڪ وحشي قبائلي اصلي موت کان مشڪل ئي سميز ڪري سگهندو آهي. هنجي جسماني نظام کي آنهيءَ سخت قسم جي ڏڪي لڳڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ، جو کيس موت جي صورت ۾ ملیو آهي، سندس دوباره جيئري ٿيڻ يا آهستي آهستي ٻيهر هوش ۾ اچڻ کي انهيءَ ٽئين حاصل کيل قوت ۽ تازيءَ زندگيءَ جي دخول ڏانهن متوجه ڪيو ويندو، جا کيس پنهنجي علامتي جانور يا ٻوٽي مان گڏري اچڻ سبب حاصل ٿيندڙ سمجهيو وڃي ٿي. چنانچه، انهن سيڀي تمهيدي رسمن جو اصلي مقصد، جيسين انهن جو موت ۽ وري جيئري ٿيڻ سان تعلق آهي، ماڻهوءَ ۽ سندس علامتي جانور يا ٻوٽي جي درميان زندگيءَ يا روحن جي ڏي ۽ وٺ جو آهي. روحن جي اهڙيءَ ڏي ۽ وٺ جي امڪان ۾ قديم ماڻهن جو اعتقاد ٻاسق قبيلي جي هڪ شڪاريءَ جي هن ڳالهه مان صاف طرح ظاهر ٿئي ٿو، جنهن ۾ هن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪيس هڪ رڇ ماريو هو، پر ڪيس مارڻ کان پوءِ انهيءَ رڇ تنجهس پنهنجو دم ڦوڪيو هو ۽ اهڙيءَ طرح رڇ جو جسم ان وقت مري ويو هو. هر انهيءَ سهل هو پاڻ آهو رڇ هو، چاڪاڻ ته منجهس انهيءَ ساڳئي رڇ جي زندگي ڦوڪيل هئي. مثل شڪاريءَ جو رڇ جي صورت ۾ دوباره جيئرو ٿي اٿڻ ۽ سن بلوغت ۾ پهچڻ وقت هڪ نوجوان ڇوڪري کي ماري، وري جيئري ڪرڻ جون رسمون انهيءَ نظريي جي بنياد تي، جنهن جي هٿ راڻ ڏني ويئي آهي، بلڪل هڪجهڙيون آهن. ڇوڪرو ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ مري ٿو ۽ حيوان جي صورت ۾ ٻيهر زنده ٿئي ٿو. هينئر هن ۾ حيوان جو روح آهي ۽ سندس روح، حيوان اندر آهي. ان ڪري، پنهنجي علامتي جانور جي نالي مطابق، ڪيس پاڻ کي رڇ يا ٻگهڙ وغيره سڏائي ۽ رڇن، ٻگهڙن يا ڪن ٻين جانورن کي پنهنجن پائرن جي حيثيت ڏيڻ لاءِ پنهنجن نالن سان سڏڻ جو هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چگو ئي حق حاصل آهي، چاڪاڻ ته سندس ۽ سندس عزيزن جا روح منجهن مقيم آهن.

ابتدائي رسمن وقت اهڙي فرضي موت ۽ دوباره زنده ٿيڻ جا هيٺيان مثال موجود آهن: نيو سائوٿ ويلس جي "وونگهي" يا "وونگهيبان" قبيلي ۾ جڏهن چوڪرا بلوغت ۾ قدم رکندا آهن، تڏهن انهيءَ قبيلي جا پريا مڙس هڪ خفيه رسم ۾ کين برادريءَ جي مردن جي صف ۾ داخل ڪندا آهن ۽ اها رسم اهڙن ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه ڏسي سگهندو آهي، جن خود داخلا واري ساڳي رسم اڳواٽ ادا نه ڪئي هوندي آهي. ان وقت جيڪا ڪارروائي ڪئي ويندي آهي، تنهن جو ڪجهه حصو انهيءَ نوجوان جي هڪ ڏند ڪيڻ ۽ ڪيس اهڙي نڪين نالي ڏيڻ تي مشتمل هوندو آهي، جو سندس مردانگيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي حقيقت جو مظهر هوندو آهي. جيتري وقت تائين چوڪرن جا ڏند پيا پڇندا آهن، تيتري تائين هڪ اهڙو اوزار زور سان هوا ۾ ڦيرايو ويندو آهي، جنهن کي "ڊگن-کي-رڙين-ڪرائڻ وارو" سڏيو ويندو آهي ۽ فقط ڪاليءَ جو هڪ اهڙو سڏو ٽڪر هوندو آهي، جنهن جون ڪناريون ڪارائيءَ جي ڏندن وانگر هونديون آهن ۽ جو هڪ پڇڙيءَ وٽان ڏاڳي سان ٻڌل هوندو آهي ۽ زور سان هوا ۾ ڦرڻ وقت زوڪاٽ ڪندو آهي. جن ماڻهن داخلا واري رسم ادا ڪاڻ ڪئي هوندي آهي، تن کي انهيءَ اوزار ڏسڻ کان به پرهيز ڪرڻي هوندي آهي، عورتن کي انهن رسمن کان ايتريقدر سخت منع ٿيل هوندي آهي، جو خلاف ورزي ڪندڙ عورت کي موت جي سزا ملندي آهي. ائين ظاهر ڪيو ويندو آهي ته مردن جي قطار ۾ داخلا وٺندڙ نوجوانن ماڻ هرهڪ ماڻ واري وٽيءَ ماڻ ٿيوريملن (جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي عام طرح داراسيولن چيو ويندو آهي) نالي هڪ پر اسرار شخص اچي ملندو آهي، جو پنهنجي متعلقہ چوڪري کي دور وٺي ويندو آهي، جتي کيس قتل ڪري، ٽورين گھڙين اندر ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو آهي. پوءِ هو کيس دوباره زنده ڪري، سندس هڪ ڏند پڄي ڇڏيندو آهي. "ٽوريملن" جي طاقت ۾ انهن ماڻهن جو اهڙو تہ پختو اعتقاد آهي، جو ان بابت کين ڪو به شڪ ڪونہ هوندو آهي.

اپر ڊارلنگ درياه جي ڪنارن تي آباد يوٿالاروئي قبيلي جا ماڻهو چوندا هئا تہ قلبيلي ۾ داخلا حاصل ڪرڻ واري ۽ رسم ادا ڪيڻ وقت، چوڪري ڪنهن هڪ روح آڇي ملندو هو، جو کيس قتل ڪري، هڪ نوجوان جيڪو حيثيت ۾ ڪين سر زنده ڪندو هو. لوئر لاڪلان ۽ مري درياهن جي ڪنارن تي آباد قبائلين ۾ ٽيورميلن (داراسيولن) لاءِ ائين سمجھيو ويندو هو تہ اهو نوآزمودن کي ماري، وري جيئرو ڪندو هو. وچ آسٽريليا جي 'انماتجيرا' قبيلي ۾ زالون ۽ ٻار سمجھندا آهن تہ ٽواني ايرڪا نالي هڪ روح، نوجوانن جي داخلا واري ۽ رسم جي ادا ڪيڻ وقت کين قتل ڪري وري زنده ڪندو آهي. مرڪزي آسٽريليا جي ٻين قبيلن وانگر، هن ۾ به داخلا جي رسم ۾ طهر ۽ آگر ويڙ جون جراحتون شامل هونديون آهن ۽ ۽ جيئن ئي انهن مان پوئين جراحت پوري ٿيندي آهي، تيئن ئي نوجوان کي سندس پيءُ وٽان هڪ مقدس لٺ (چورنگا) ملندي آهي، جنهن سان (کيس اڻين ٻڌايو ويندو آهي) سندس روح قديم زماني ۾ وابستہ هو. جيتري وقت تائين هو جھنگ ۾ پنهنجا زخم چٽائيندو رهندو آهي، اوتري تائين کيس "ديگن-کي-رڙين-ڪرائڻ-وارو" اوزار ڪيرائڻو پوندو آهي، تہ تہ پيءُ صورت ۾ آسمان ۾ رهندڙ هڪ پراسرار شخص لاماروڏيئي، کيس ماڻي کڻي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ڪارپينٽيريا نار جي ايرندي ڪناري تي رهندڙ بندنگا قبيلي جي زالن ۾ پارن جو اعتقاد آهي ته "ديگن - ڪي - رڙين - ڪرائڻ وارو" داخلا واريءَ رسم وقت جيڪو آواز ڪندو آهي، سو ڪنا جليا نالي هڪ روح جو آواز هوندو اهي، جيڪو چيٽي جي ڏير ۽ رهندڙ ماڪوڙين جي گهر اندر رهندو آهي، جتان هو باهر نڪري، چوڪري ڪي ڪائي ويندو آهي ۽ بعد ۾ ڪيس وري جيئرو ڪندو آهي. ساڳيءَ طرح سندنِ همسايون، انيولا قبيلي وارن ۾، زالون سمجهنديون آهن ته "ديگن - ڪي - رڙين - ڪرائڻ - وارو"، جيڪو زوڪات ڪندو آهي، سو گنابائيا نالي هڪ روح جو آواز هوندو آهي، جو داخلا واريءَ رسم وقت ڪين ڇڙڪائي ويندو آهي ۽ بعد ۾ ڪين برادريءَ ۾ داخل ٿيل ماڻهن جي حيثيت ۾ قي ڪري، باهر ڪيندو آهي.

نيو سائوٿ ويلس جي ڏاکڻين ڪناري تي جيڪي قبائل آباد آهن، ۽ جن مان مورنگ ڪناري واري قبيلي کي مثال طور سمجهي گهرجي، تن ۾ نوآزمودن کي برادريءَ ۾ داخلا ڏيڻ واريءَ رسم وقت مٿن مان وري زنده ڪرڻ جو ناڪ تفصيلوار نمونو ۾ ڏيکاريو ويندو هو. انهيءَ رسم جو بيان اسان کي هڪ عيني شاهد هن طرح ڏنو آهي:

"ڏاڪڻ جهڙن سنهن چوڏن جي لباس ۾ ڏکيل هڪ ماڻهو قبر ۾ وڃي ليٽي پيو ۽ ان جي مٿان ڪائين ۽ مٽيءَ جو هڪ هلڪو تهه وڇايو ويو. سندس هٿ ۾ هڪ نيرو ٻوٽو هو، جو اڻين ٻڌي نظر آيو، جڏ ته ڏرتيءَ مان جمي رهيو هو ۽ ان جي اثر وڌائڻ لاءِ چوڌاري ٻيا ٻوٽا به مٽيءَ ۾ کوڙيا ويا هئا. پوءِ سيني نوآزمودن کي قبر جي ڀرسان آڻي ويهاريو ويو ۽ ڏاڪڻ جهڙن سنهن چوڏن جي پوشاڪن ۾ ملبوس ٿيل اهڙن ماڻهن جو هڪ جلوس قبر جي قريب آيو، جي قبيلي جي "حڪيمن" جي هڪ گروه جي نمائندگي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا. انهيءَ جلوس جي پيشوائي ۾ معمر سردار ڪري رهيا هئا، جي پنهنجي هڪ هر پيشه "حڪيم" جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ اتي آيا هئا، جتي اهو دفن ٿيل هو. جڏهن اهو ننڍڙو جلوس، دارا سيولن جا منتر آلاپيندو، ٽڪرين ۽ وڻن مان نڪري ڪليل ميدان ۾ پهتو، تڏهن اهو قبر جي ويجهو، نوآزمودن جي مخالف سمت ۾ اچي بيٺو. ۽ انهن جا ۾ پيشوائون بين نچندڙن جي پوئتان اچي بيٺا. ڪجهه وقت تائين راڳ ۽ ناچ هلندو رهيو، تانجو اهو ٻوٽو ڏکڻ لڳو، جيڪو قبر مان چمندو نظر اچي رهيو. "هيڏانهن نهاريو". انهن ماڻهن نوآزمودن کي مخاطب ٿي، ڏکندڙ ٻوٽيءَ جي پنن ڏانهن اشارو ڪندي چيو: جيئن ئي ماڻهن ان طرف نهاريو، تيئن آهو ٻوٽو اڃا ۾ زياده زور سان ڪنبڻ لڳو ۽ تمام زوردار جنبش کان پوءِ زمين تي ڪري پيو ۽ هوڏانهن ناچن جي زوردار ڏمادم ۾ ڳائيندڙن جي آلاپ جي درميان، نام-نهاد مئل ماڻهوءَ پنهنجي مٿان رکيل ڪاڙيون ۽ مٽي پري اڇلائي، ٽپ ڏيئي، پيرين پر بيهي، قبر اندر ئي پنهنجو "جادوءَ وارو ناچ" ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جادوءَ جو اثر رکندڙ انهن شين جي پنهنجي وات اندر نمائش ڪرڻ لڳو، جي ڪيس بذات خود دارا سيولن وٽان حاصل ٿيل سمجهيون ويندڙون هيون.

آسٽريليا جي گهڻن قبيلن وانگر، اتر نيوگائنا جي ڪن قبيلن، جهڙوڪ پاپيم، بوڪائوٽا، ڪائي ۽ تاسيءَ ۾، قبيلي جي هر فرد کي جوان مرد جي درجي ڏيڻ کان اڳ، ڪانئس طهر ڪرائڻ جي تقاضا ڪئي ويندي آهي. ۽ قبيلي ۾ داخلا حاصل ڪرڻ واريءَ انهيءَ رسم کي، جنهن جي مرڪزي خصوصيت طهر جي آهي، ڪن آسٽريلوائي قبيلن وانگر، انهن قبيلن جا ماڻهو ۾ هڪ اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اسرار راڪاس هتان گڙڪائجڻ ۽ وري ڦيٰ ٿي، ٻاهر نڪرڻ جي ڪارروائي تصور ڪندا آهن، جنهنجو آواز "ڊگڻ ڪان- رڙين- ڪرائڻ واري" اوزار جي زوڪات ۾ ملبل هوندو آهي، جو غور سان ڪن ڏبو، تہ ٻڌڻ ۾ ايندو. نيو گائنا جا قبائل، درحقيقت، انهيءَ گاله، جو اثر نہ فقط عورتن ۽ ٻارن جي دلين تي وجهندا آهن، پر داخلا واريءَ رسم ۾ ان کي ڊرامائي انداز ۾ ادا ڪندا آهن، جنهن وقت عورتن ۽ اهڙن ٻين ماڻهن کي حاضر رهڻ کان منع ٿيل هوندي آهي، جن کي ان ڪان اڳ ۾ داخلا ملبل ڪانہ هوندي آهي. انهيءَ رسم ادا ڪرڻ لاءِ اڪثر هڪ سو فوٽ ڊگهي هڪ جهوپڙي ڪوٽ يا ٻيلي جي ڪنهن ويران حصي ۾ اڏي ويندي آهي ۽ ان جي صورت انهيءَ پر اسرار راڪاس وانگر ٿاهي ويندي آهي، ان جي جيڪا پڇڙي سندس مٿي جي نمائندگي ڪندي آهي، سا بلند هوندي آهي ۽ ٻيءَ پڇڙيءَ وٽ اهو سوڙهي هوندي آهي، تانجو، آخر ۾ تمام سنهي ٿي ويندي آهي. سوپارين جو هڪ وڻ، جنهن کي پاڙ کان ٽنيو ويندو آهي، انهيءَ عظيم هستيءَ جي ڪرنگهي جي هڏي جو ڪم ڏيندو آهي ۽ ان جي لاسن جو جهڳڙو سندس وارن جو ڪم ڏيندو آهي؛ ۽ مشابهت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، عمارت جي ويڪري طرف هڪ مقامي نقاش ۾ ٻاهر نڪتل، گول اکيون ۽ ڪاريون وڏو وات چاپي چڏيندو آهي. جڏهن پنهنجين مائرن ۽ عورتن کان، جي انهيءَ راڪاس ۾ يقين رکنديون آهن يا يقين رکڻ جو ڍونگ ڪنديون آهن، جوسندن پيارن کي کائيندو آهي، روئيندي روئيندي، حيرت زده نو آزمود ڇوڪرا الوداعي ڪندا آهن ۽ انهيءَ ٻڙ شڪوه اڏاوت جي روبرو آندا ويندا آهن، تڏهن اهو هيبتناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور هڪ خوفناڪ گجگوڙ ڪندو آهي، جا درحقيقت "ڊگن ڪان رڙين ڪرائڻ وارن" اوزارن جي زوڪاٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻڌ نه هوندو آهي، جن کي انهيءَ راڪاس جي پيٽ اندر ويڙهل ماڻهو ڦيرائيندا رهندا آهن. ڪڙڪائڻ جي سڃي پڃي ڪارروائي مختلف نمونن ۾ سرانجام ڪئي ويندي آهي. تامي قبيلي‌وارن ۾ داخلا جي اميدوارن کي هڪ قطار جي صورت ۾ اهڙن ماڻهن اڳيان لنگهايو ويندو آهي، جن جي متن تي "ڊگن-ڪان-رڙين-ڪرائڻ وارا" اوزار جهليل هوندا آهن، ڪائي قبيلي جي ماڻهن ۾ اها ڪارروائي زياده تفصيلوار نموني ۾ هن طرح سر انجام ڪئي ويندي آهي، جو نو آزمودن کي هڪ اهڙيءَ ڪاهيءَ هيٺان لنگهايو ويندو آهي، جنهن جي هٿان هڪ اهڙو ماڻهو ويڙهل هوندو آهي جو، جيئن هڪ ڏڪندڙ ڦڙڪندڙ نوآزمود سندس هيٺان لنگهندو ويندو آهي، تيئن ڪڙڪائڻ جو اشارو ڪندو رهندو آهي، ۽ جو، درحقيقت، پاڻيءَ جو هڪ ڏڪ ٻيڙيندو آهي. ۽ هڪ سوڙ جو نڏ رانو، جو موقعي سر انهيءَ راڪاس کي پيش ڪيو ويندو آهي، ڪيس انهن جوانن کي قيءَ ڪري ٻاهر ڪڍڻ لاءِ آماده ڪندو آهي. جيڪو ماڻهو راڪاس جي نمائندگي ڪندو آهي، سو اهو نڏرانو پاڻيءَ جو هڪ ڦوهارو ٻاهر ڪڍي، بنظور ڪندو آهي. انهيءَ دم ڪڙ ڪڙ جهڙو آواز ڏڻ ۾ ايندو آهي ۽ ٽورو ئي وقت اڳ هن جيڪو ٻ پاڻي پيتو هو، سو هڪ تيز ڦوهاري جي صورت ۾ نوآزمودي مٿان اڇي ڪاهه ڪندو آهي. انهيءَ مان هيءَ مطلب ڪڍيو ويندو آهي ته انهيءَ نوجوان کي راڪاس جي پيٽ مان نجات ملي ويئي. بهرحال، هينئر ڪيس ظهر ڪرائڻ جي زياده دردناڪ ۽ خطرناڪ جراحت مان گذرڻ باقي هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اهو عمل فوراً ئي پورو ڪيو ويندو آهي ۽ جراح جي چاقوءَ سان جيڪو چير ڏنو ويندو آهي، تنهن جي سمجهاڻي هيئن ڏني ويندي آهي ته نوجوان کي اهو گهاءُ يا چير ان وقت آيو هو، جڏهن ڪيس انهيءَ بلا جي خوفناڪ وات سان چڙايو پئي ويو. جيتري وقت تائين جراحت ٿيندي رهندي آهي، اوتري عرصي تائين "ڊگن-ڪان-رڙ ين-ڪرائڻ" وارن کي قيرائڻ ذريعي هڪ زبردست آواز برپا ڪيو ويندو آهي، جو انهيءَ پوائتي جانور جي رڙ وانگر هوندو آهي، جو جوان مردن کي ڳڙڪائڻ ۾ مصروف هوندو آهي.

جڏهن کوڪرو جراحت جي اثر کان مري ويندو آهي، جيئن عام طرح ٿيندو آهي، تڏهن ڪيس خفيه طور ٻيلي ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ۽ سندس مغموم ماڻهن کي ٻڌايو ويندو آهي ته راڪاس کي سوئر ۽ ماڻهوءَ کي هضم ڪرڻ جا ۾ الڳ پيٽ هوندا آهن ۽ سندس پٽ، بد قسمتيءَ سان غلط پيٽ اندر ترڪي ويو، جتان ڪيس چڪي ٻاهر ڪڍڻ ناممڪن ٿي پيو. طهر ڪرائڻ کان پوءِ، چوڪرن کي چند مهينن تائين گوشه نشيني اختيار ڪرڻي پوندي آهي ۽ کين عورتن سان هر قسم جي لهه وچڑ کان نفرت ڪرڻي پوندي آهي، حتيٰڪه کين انهن جي صورت ڏسڻ کان ۾ دور پڇڙو هوندو آهي. اهي انهيءَ ڊگهيءَ جهوپڙيءَ اندر رهندا آهن، جا راڪاس جي پيٽ جي نمائندگي ڪندي آهي. آخرڪار، جڏهن انهن چوڪرن کي، جن کي هينئر داخلا حاصل ڪيل ماڻهن جو درجو حاصل ٿي ويندو آهي، وڏيءَ ڏوم ڏام ۽ رسم و رواج جي ادائگيءَ سان ڇوٽ ڏانهن واپس آندو ويندو آهي، تڏهن عورتن طرفان سندن استقبال سڏڪن ۽ خوشيءَ جي لڙڪن سان ڪيو ويندو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين نظر ايندو آهي ته جڏ قبر پنهنجن مڪينن کي ڏکو ڏيئي ٻاهر ڪڍيو هوء اول ته جوانن کي پنهنجيون اکيون سختيءَ سان بند رکڻيون، يا اڃا به، چوني جي پلستر سان لٽيڻيون، پوندا يون آهن ۽ اهي اهڙي ڏڪ ڏيندا آهن جڏ ته اهي پنهنجن ولڻ طرفان مليل حڪمن جو مطلب ئي نه ٿا سمجهن. آهستي آهستي، اهي پنهنجو هوش اهڙيءَ طرح سنياليندا آهن، جڏ ته ڪنهن بيهوشيءَ کان بيدار ٿي رهيا آهن، ٻئي ڏينهن اهي وهنجندا آهن ۽ پنهنجن جسمن تان چوني جو پلستر ڏوئي ڇڏيندا آهن.

هيءَ ڳالهه انتهائي معنيٰ خيز آهي ته نيوگائنا جون اهي سڀ قومون "ڊگن - ڪي - رڙين ڪرائڻ واري" اوزار ۽ انهيءَ راڪاس لاءِ، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته هو نوآزمودن کي طهر وقت گڙڪائي ويندو آهي ۽ جنهن جي خطرناڪ گجگوڙ جي نمائندگي ٻي ضرر ڪاريءَ جي اوزارن ذريعي ڪئي ويندي آهي، ساڳيو ئي لفظ استعمال ڪندا آهن. ان کان علاوه، هيءَ ڳالهه به قابل غور آهي ته جڏ مان ڏن پولين ۾ جيڪو لفظ "ڊگن - ڪي - رڙين - ڪرائڻ واري" اوزار ۽ راڪاس لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، تنهن جي معنيٰ مئلن جو پوت يا روح آهي ۽ چوڻيءَ پوليءَ (ڪائي) ۾ ان جو مطلب "ڏاڏو" آهي. انهيءَ مان هيءَ ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته جيڪو شخص نوآزمودن کي داخلا واريءَ رسم وقت گڙڪائيندو ۽ الڻي ڪري ٻاهر ڪڍندو آهي، تنهن کي ڪو زبردست پوت يا ڪنهن ابي ڏاڏي جو روح سمجهيو ويندو آهي ۽ "ڊگن - ڪي - رڙين - ڪرائڻ وارو" اوزار، جنهن کي سندس ئي نالو ڏنو ويو هوندو آهي، سو سندس مادي نمائندو آهي. انهيءَ مان اها حاسداڻ رازداري سمجهه ۾ اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿي، جنهن ۾ اهو مقدس اوزار عورتن جي نظرن کان دور رکيو ويندو آهي. جنهن وقت اهي اوزار استعمال ۾ نٿا هوندا آهن، تنهن وقت انهن کي مردن جي اوطاقن ۾ رکيو ويندو آهي، جن ۾ ڪنهن به عورت کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانهي هوندي آهي. درحقيقت، جيڪڏهن ڪابه عورت يا اهڙو ڪو مرد، جنهن باقاعدي داخلا حاصل نه ڪئي هوندي آهي، "ڊگن - کي - رڙين - ڪرائڻ" واري اوزار تي نظر به ڪندو ته ڪيس سوت جي سزا ڏني ويندي. ساڳيءَ طرح، تگيري يا ڪايا - ڪايا قبيلي ۾، جو پاپوئن قوم جي هڪ وڏي شاخ آهي ۽ ڊچ نيو گائنا جي ڊاڪٽين ڪناري تي آباد آهي، "ڊگن - کي - رڙين - ڪرائڻ" واري اوزار جو نالو، جنهن کي اهي "سوسوم" سڏيندا آهن، هڪ پراسرار ديوکي ڏنو ويندو آهي، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته هو هر سال ڏکڻ - اپرندي چوماسي هوائن سان گڏ ايندو آهي. جڏهن اهو ايندو آهي، تڏهن سندس اعزاز ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي ويندي آهي ۽ "ڊگن - کي - رڙين - ڪرائڻ" وارا اوزار هوا ۾ ڦيرايا ويندا آهن. ديو جي حضور ۾ چوڪرا پيش ڪيا ويندا آهن، جو ڪين ماريندو آهي، پر لحاظ پاران کين وري زنده ڪندو آهي.

فيجي ٻيٽن مان سيني ڪان وڏي، ويٽي ليوو، نالي هڪ ٻيٽ جي ڪن ضلعن ۾، موت ۽ حشر جو ناٽڪ انهن نوجوانن جي اڪين آڏو انتهائي سنجيدگيءَ سان داخلا واريءَ تقريب ملهائڻ وقت ادا ڪيو ويندو هو. هڪ مقدس لوڙهي ۾ ڪين اهڙن مئل يا فقط ظاهري طور مئل ماڻهن جي هڪ قطار ڏرتيءَ تي پيل ڏيکاري ويندي هئي، جن جا ٻيٽ جيريل ۽ آندا باهر نڪتل هوندا هئا. پر وڏي پادريءَ جي رڙ جو آواز ٻڌنديئي، اهي مصنوعي مئل ماڻهو ٽپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي، اٽي ڪڙا ٽيندا هئا ۽ سڏو درياه طرف ڊوڙندا هئا، جتي اهي پنهنجن جسمن تان آهو رت ۽ سوئرن جا آنڊا لاهي صاف ڪندا هئا، جي ڪين ٽڦيا ويندا هئا. عنقريب، اهي انهيءَ مقدس لوڙهي طرف واپس ايندا هئا، جن ۾ اهي وري زنده، صاف ۽ تازا توانا ٿي، گلن جا هار وجهي، هڪ سنجيده مذهبي منتر جي سر سان وڇندڙ سازن جي آواز تي، پنهنجا بدن لوڏائيندا، نوآزمودن جي اڳيان اڇي بيهندا هئا. اهو هيو موت ۽ حشر جو ناڪو.

نيوگائنا ۽ نيو برٽن جي وچ ۾ واقع، روڪ نالي هڪ ٻيٽ جا ماڻهو، ڪي تقريبون منعقد ڪندا آهن، جن ۾ هڪ يا ٻه نقاب پوش ماڻهو، مٿي ۾ ڪاٺ جا نقاب وجهي، ڪوٽ مان نچندا ويندا آهن ۽ سندن پٺيان ماڻهن جو هجوم ويندو آهي. اهي هيءَ تقاضا ڪندا آهن ته جن طهريل ٻارن کي مارسابا (شيطان) اڃا تائين نه ڪڍيو آهي، سي سندن سپرد ڪيا وڃن. ڏڇندڙ ۽ رڙيون ڪندڙ ڇوڪرا سندن حوالي ڪيا ويندا آهن، جي نقاب پوش ماڻهن جي ٽنگن جي وچ مان سرڪندا ويندا آهن. پوءِ، اهو جلوس هڪ دفعو پيهر ڪوٽ مان لنگهندو آهي ۽ هيءُ اعلان ڪندو آهي ته مارسابا سڀني ڇوڪرن کي ڪڍائي ويو آهي ۽ اهو ڪين تيسين ٻاهر نه ڪيندو، جيسين ڪيس سوئرن، پاڇين وغيره جا نذرانا پيش نه ڪيا ويندا. چنانچ، سڀ ڪوناٽا، پنهنجيءَ پنهنجيءَ استطاعت مطابق، سيڏي سامان جو چندو ڏيندا آهن، جو مارسابا جي نالي ۾ ڪهايو ويندو آهي.

سيرام جي اولهه طرف، سن بلوغت کي پهچڻ وقت، ڇوڪرن کي "ڪاڪين" جماعت ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. جديد مصنفن انهيءَ جماعت کي بنيادي طور هڪ سياسي ليگ تسليم ڪيو آهي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مقصد غيرملڪي تسلط خلاف جدوجهد ڪرڻ آهي. درحقيقت، ان جا مقاصد خالص مذهبي ۽ سماجي آهن، جيتوڻيڪ ائين ممڪن آهي ته انهيءَ جماعت جي پادرين ڪن موقعن تي پنهنجي زبردست اثر ۽ رسوخ کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو هجي. اها جماعت، درحقيقت، قديم النسل قومن جي اهڙن مختلف ادارن مان هڪ آهي، جي دور دور تائين ڦهليل آهن ۽ جن جو مڪمل مقصد نوجوانن کي بلوغت وقت قوم ۽ رسمي طور داخل ڪرڻ جو آهي. قريب زماني ۾ انهيءَ اداري جي حقيقي نوعيت کي انساني نسل جي تاريخ جي هڪ ڊڇ ماهر، جي. جي. ايف. ريڊل، پوريءَ ريت تسليم ڪيو آهي. 'ڪاڪين' عمارت بيضوي صورت جو ڪاٺ جو هڪ ٿنڀن هوندو آهي، جو پيلي جي گهراين ۾، انتهائي اونداهن وڻن هيٺان واقع هوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٺهيل هوندو آهي، جو منجهس فقط ايتري روشنائي داخل ٿئي، جو اها خبر نه پوي ته اندر ڇا پيو وهي ۽ واپري. هرهڪ ڪوٽ ۾ اهڙي هڪ جاءِ هوندي آهي. جن ڇوڪرن جي داخلا جي رسم ادا ڪرڻي هوندي آهي، تن جون اکيون ٻڌي، اوڏانهن نيون ويندو آهي ۽ سندن والدين ۽ ٻيا مائٽ سندن پٺيان ويندا آهن. هرهڪ ڇوڪري کي ٻه ٻه ماڻهو هٿن کان جهلي وٺي ويندا آهن، جي انهن جا نگهبان هوندا آهن ۽ داخلا واري عرصي جي دوران ۾ سندن ٽهل ۽ ٽڪور ڪندا آهن. جڏهن اهڙا سڀ ماڻهو ٿنڀن جي ساهون جمع ٿي ويندا آهن، تڏهن سڀني کان وڏو پادري سڀني شيطانن کي پڪاريندو آهي. هڪ لحظي اندر ٿنڀن مان هڪ ڀوائتي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. اهو آواز بانس جي لڪڙن مان ٺهيل توتارن مان اهي ماڻهو ڪيندا آهن، جن کي خفيه طور انهيءَ عمارت ۾ پٽين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دروازي کان اڳوات داخل ڪيو ويو هوندو آهي، پر عورتون ۽ بار سمجهندا آهن ته اهو آواز سچ پچ شيطانن جو آهي، جنهن ڪري اهي ڏاڍا ڊڄي ويندا آهن. پوءِ، پادري سنهن ۾ داخل ٿيندا آهن ۽ هڪ هڪ چوڪرو ٿي، سندن پٺيان ويندو آهي. جيئن ئي هرهڪ چوڪرو سنهن اندر گم ٿيندو ويندو آهي، تيئن ئي جاءِ جي اندران ڪنهن شيءِ کي وڊڄڻ جو ٽلهو آواز پڌڻ ۾ ايندو آهي. ساڻ ئي هڪ پوائتيءَ چيخ جو تيز آواز بلند ٿيندو آهي ۽ رت ۽ ڀڏل هڪ ترار يا پالو سنهن جي چت سان لنگهائي، ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. اها نشاني هن ڳالهه جي هوندي آهي ته چوڪري جي سري وڍي ويئي آهي ۽ شيطان هن کي ٻاڻ سان گڏ ٻيءَ دنيا ڏانهن ڪڍي ويو آهي، جتي هو ڪيس نئين زندگي ۽ نئين صورت ڏيئي، ٻيهر زنده ڪندو. چنانچه، رت ۾ ڀڏل ترار کي ڏسندي ئي، سائرون روڄ ۽ راڙو شروع ڪنديون آهن ۽ دانهون ڪندي چوندا يون آهن ته شيطان سندن ٻارن کي قتل ڪيو آهي ڪن هنڌن تي، ائين ٻيو معلوم ٿئي، چوڪرن کي واڳونءَ جي قاتل ڄاڙين يا هڪ سهيب پکيءَ جي قاتل چهنب وانگر ٽاهيل سوراخ وڃان ڏکو ڏنو ويندو آهي ۽ پوءِ هيئن ڇيو ويندو آهي ته شيطان ڪين گرڪائي ويو آهي. چوڪرا پنجن يا نون ڏينهن تائين سنهن ۾ رهندا آهن. اونده ۾ رهندي، اهي ٻانس جي لکڑن سان ٽهيل. توتارن ۽ وقت بوقت بندوقن جي گولين ۽ ترارين جي ٽڪرجڻ جا آواز ٻڌندا رهندا آهن. اهي روزانو وهنجندا آهن ۽ سندن جسمن کي پيلو رنگ ٿڦيو ويندو آهي، ته جيئن اهي ائين نظر اچن، جڙ ته ڪين واقعي شيطان گرڪائي ويو آهي. "ڪاڪين" عمارت اندر قيام واري دوران ۾، هرهڪ چوڪري جي چاتيءَ يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا پانهن تي سنگڻ ذريعي هڪ يا ٻن صليبن جون تصويرون ڪڍيون ويندڙيون آهن. جڏهن اهي ستل نہ هوندا آهن، تڏهن چوڪرن کي اوکڙون ويهڻو پوندو آهي، تہ جيئن سندن جسم جو هڪ بہ پٺو حرڪت نہ ڪري. جيئن اهي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي، هٿ پاهر ڏگهيڙي ويٺا هوندا آهن، تيئن سردار پنهنجو توتارو ڪڍي، ان جو منهن هرهڪ چوڪري جي هٿن تي رکي، منجهانئس عجيب و غريب آوازن ۽ ڳالهائيندو آهي ۽ ائين ڪندي، هوروڀرو جي آواز جو نقل ڪندو آهي. هو چوڪرن کي سوت جو ڊب ڏيئي، چٽاءَ ڏيندو آهي تہ اهي "ڪاڪين" جماعت جي سڀني قاعدن جي تعميل ڪندا ۽ جيڪي بہ انهيءَ عمارت اندر وهيو ۽ واپريو آهي، تنهن جو راز ڪڏهن بہ فاش نہ ڪندا. نؤآزمودن کي سندن پادرين طرفان هيءَ بہ تلقين ڪئي ويندي آهي تہ اهي پنهنجن رت وارن مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪن، انهيءَ عرصي اندر ڪين قبيلي جي روايتن ۽ رازن جي تعليم ڏني ويندي آهي.

انهيءَ وچ ۾ چوڪرن جون مائرون ۽ پيرون روڄ راڙي ۽ ماتم ڪرڻ لاءِ گهر هليون ويٺون هونديون آهن. پر هڪ يا ٻن ڏينهن اندر اهي ماڻهو، جن نوآزمودن جي نگهبانن جو ڪردار ادا ڪيو هو، ڪوٽ ڏانهن هن خوشخبريءَ سان واپس ايندا آهن تہ پادرين جي سفارش تي شيطان چوڪرن کي دوباره زنده ڪيو آهي. جيڪي ماڻهو اها خبر آڻيندا آهن، سي بيهوشيءَ جي حالت ۾ هوندا آهن ۽ سندن سڄو بدن گپ ۽ سڻيءَ سان ڍڪيل هوندو آهي، جڏ تہ اهي عالم زيرين مان تازا آيل پيغامبر آهن. "ڪاڪين" عمارت جڏڻ کان اڳ، هرهڪ چوڪري کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پادريءَ وٽان هڪ امٽ ملندي آهي، جنهن جون ٻئي پڇڙيون ڪڪڙ يا شتر مرغ جهڙي هڪ ٻئي پکيءَ جي ڪنين سان سينگاريل هوندیون آهن. چوڪرن کي اهي لئيون خود شيطان وٽان انهيءَ وقت مليل سمجهيون ويندیون آهن، جڏهن هن کين نئين زندگي بخشي هئي ۽ اهي هن ڪالهه جي علامت هوندیون آهن ته اهي نوجوان برابر روحن جي دنيا مان ٽپي آيا آهن. جڏهن اهي گهر واپس ايندا آهن، تڏهن ٽڙندا، ٽاپڙندا ايندا آهن ۽ گهر اندر ابتي پيرين داخل ٿيندا آهن، جڻ ته انهن کان پوريءَ طرح گهمڻ جو ڏنگ به وسري ويو آهي، يا وري اهي ٻئين دروازي کان گهر ۾ داخل ٿيندا آهن. جيڪڏهن کين کاڌي جي ٽالهي ڏني ويندي آهي، ته اهي ان کي اونڌو ڪري جهلیندا آهن، اهي گونگن وانگر خاموش رهندا آهن ۽ پنهنجيون گهرجون فقط اشارن ذريعي طلب ڪندا آهن. اهو سڀ ڪجهه هن ڊيڪارڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي ته اهي اڃا تائين شيطان يا روحن جي اثر هيٺ آهن. سندن نگهبانن کي زندگيءَ جون سڀ حرڪتون کين از سر نو سيکارٽيون ڏيندیون آهن، جڻ ته اهي نوان ڄاول ٻار آهن. ان کان علاوه، "ڪاڪين" عمارت ڇڏڻ وقت، چوڪرن کي ان وقت تائين ڪن خاص ميون کائڻ کان سخت منع ڪئي ويندي آهي، جيسين اينڊڙ سال انهن رسمن ملهائڻ جو وقت وري واپس اچي. ويهن يا ٽيهن ڏينهن تائين سندن ماڻرن يا پينرن کي سندن وارن کي ڪٽي ڏيڻ جي اجازت ڪانه هوندي آهي. انهيءَ ميعاد ختم ٿيڻ تي وڏو پادري کين پيلي جي هڪ ويران جاءِ ڏانهن وٺي ويندو آهي. هو هر هڪ جي مٿي جي وارن مان هڪ هڪ ڪچ ويندو آهي. داخلا جي اهڙين رسمن ادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ کان پوءِ، چوڪرن کي باقاعده مرد سمجهيو ويندو آهي ۽ اهي شادي ڪري سگهندا آهن، ان کان اڳي شادي ڪرڻ بدناسوسيءَ جو باعث سمجهيو ويندو آهي.

لوئر ڪانگو جي علائقي ۾، موت ۽ حشر جو نقل هڪ اهڙي جماعت يا خفيه سوسائٽي ڪندي هئي، جنهن کي "نڊيمبو" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. "نڊيمبو رواج ۾ داخلا ڏيندڙ حڪيم هڪ ماڻهوءَ کي، مڪر ڪري، هيٺ ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا هٿا ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ ڪيس شهر کان ٻاهر واقع هڪ لوڙهي واريءَ جاءِ ڏانهن پهچائيندا هٿا. انهيءَ کي "مرندڙ نڊيمبو" ڪوئيو ويندو آهي. ٻيا، جي عام طور چوڪرا ۽ چوڪريون هونديون آهن، ان جي ٻيان ائين ڪندا آهن، پر اهي گهٽو ڪري نوجوان مرد ۽ زالون هونديون آهن ..... انهن کي مثل سمجهيو ويندو آهي. پر سندن والدين ۽ دوست ڪين ڪاڏو ٻيا ڪندا آهن ۽ ڪجهه عرصي بعد، جو رواج موجب ٽن مهينن کان وٺي، ٽن سالن تائين هوندو آهي، هن ڪالهه جو انتظام ڪيو ويندو آهي ته حڪيم کين دوباره زنده ڪري. جڏهن حڪيم کي سندس اجرت ملي ويندي آهي ۽ دعوت لاءِ رقم (ساسان) پڄائي ويٽي هوندي آهي، تڏهن اهڙن "نڊيمبو ماڻهن کي وري زنده ڪيو ويندو آهي. پهريائين ته اهي هر ڪنهن ماڻهوءَ ۽ هرهڪ شيءِ کان اڻڄاڻائيءَ ۽ بيگانگيءَ ظاهر ڪرڻ جو ڊوڳ ڪندا آهن، کين اها به خبر ڪانه هوندي آهي ته ڪاڏو ڪيئن ڇاڙجي، جنهن ڪري سندن دوستن کي انهن جي پڄاءِ اهو فرض ادا ڪرڻو پوندو آهي. اهي هر اهڙيءَ سڀيءَ شيءِ جي طلب ڪندا آهن، جا اهڙي ماڻهوءَ وٽ هوندي، جو اڇا برادريءَ ۾ باقاعده طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿو هوندو، ۽ جيڪڏهن اهاکين نه ڏني ويندي آهي، ته اهي کين ماريندا آهن يا انهن جو ساهه گهٽي، کين قتل ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن ڪمن ڪرڻ جي پاداش ۾، اهي ڪنهن به مصيبت سان دوچار ڪين ٿيندا آهن، چاڪاڻ ته انهين سمجهيو ويندو آهي ته ڪين پوري ڇاڻ ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي چڙيل ٻوليءَ گهالهائڻ جو ڪر به ڪندا آهن، جڏ ته اهي عالم ارواح کان واپس آيا آهن. ان کان پوءِ، هڪ ٻئي نالي سان مشهور ٿيندا آهن، جو اهڙن ماڻهن لاءِ مخصوص هوندو آهي، جي "نڊيمبو" ٿي، مٿا هوندا آهن..... ايسان ٻڌو آهي ته اها رسم بالائي درياه جي ڪنارن ۽ آبشار واري علاقي ۾ به دور دور تائين ادا ڪئي ويندي آهي.

اتر آمريڪا جي ڪن هندستاني قبيلن ۾ ڪي اهڙا مذهبي ادارا آهن، جي اهڙن اميدوارن لاءِ ڪليل هوندا آهن، جن هڪ دفعو مرڻ ۽ وري زنده ٿيڻ جو سانگ ادا ڪيو هوندو آهي. سنه ١٧٦٦ع يا ١٧٦٧ع ۾ ڪپتان جو ناٿن ڪاروَر، نادو ويسس قوم ۾، جا وڏين ڏنڊن واري علاقي ۾ هڪ "سيوئان" يا "ڊاڪوٽن" قبيلو آهي، هڪ اميدوار جي اهڙيءَ جماعت ۾ داخلا جي رسم ادا ٿيندي ڏٺي، جنهن جو نالو "روح جي دوستانه جماعت" هيو. اميدوار سردار جي اڳيان وڃي جهڪيو، جنهن کيس چيو ته "هن کي خود انهيءَ روح جوش ۾ آندو هو، جنهن کي هو ٽورين گهڙين اندر ڏانهس منتقل ڪرڻ وارو هو، ته اهو روح کيس هڪ ڏڪ سان ماري وڃندو، پر کيس عنقريب دوباره زنده ڪندو، ان گهالهه ۾ هن هيءَ اضافو ڪيو ته. اهو انتقال، خواه ڪيترقدر به پوائتو هوندو، برانهن فائدن سان روشناس ٿيڻ لاءِ انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري هو، جن مان سندس قوم مستفيض ٿيندي رهي هئي ۽ جنهن ۾ هو عنقريب داخل ٿيڻ وارو هو. اها ڀالهه ڪندي، هو تمام گهڻي جوش ۾ اچي ويو، تانجو آخرڪار سندس جذبات ايتريقدر جوش و خروش ۾ اچي ويا، جو سندس سڄو منهن بدصورت ٿي ويو ۽ بدن ۾ ڏڪڻي آچي ويس. انهيءَ موقعي تي هن نوجوان چوڪري مٿان هڪ اهڙي شيءَ اڇلائي، جا شڪل ۽ رنگ ۾ دال جي هڪ ننڍي داڻي وانگر پئي لڳي، ۽ جيئن اهو داڻو سندس وات ۾ هليو ويو، تيئن ئي هو هڪدم ساڪت ۽ بيحس و حرڪت ٿي، ٻري ويو، جڏ تڪيس ڪا گولي لڳي هئي". ڪجهه وقت تائين تہ اهو ماڻهو جڏ مئو پيو هو، پر ڏنبڏن جي وسڪاري سبب هن جوش و خروش جون ڪجهه علامتون ڏيکاريون ۽ آخرڪار، جڏهن هن وات مان دال جو اهو داڻو، يا جيڪا به شيءَ سردار سندس وات ۾ اڇلائي هئي، ڪڍي، تڏهن هو دوباره زنده ٿي پيو. بين قبيلن، مثال طور اوجيبوين، ونيباگوس، ڊاڪوٽا يا سيوڪس ۾، جنهن اوزار سان اسيدوار ڪي ظاهري طورقتل ڪيو ويندو آهي، سو دوائن جي هڪ ٿيلهي هوندي آهي. اها ٿيلهي ڪنهن جانور جي ڪل مان ٺهيل هوندي آهي (جهڙوڪ لڏڙو، جهنگ ٻلو، نانگ، رڇ، بگهڙ، الو وغيره) جنهن ڪي جانور جي اصلي صورت قائم رکيو ويندو آهي. جماعت جي هر فرد وٽ اهڙي هڪ ٿيلهي هوندي آهي، جنهن ۾ هو هيتان هٽتان جون اهي سنهيون ٿلهيون شيون رکندو آهي، جي سندس "دوا" يا جنتر هوندا آهن. "هنن جو اعتقاد آهي تہ ڪل جي ٿيلهيءَ يا جانور جي پيٽ اندر جيڪي متفرق شيون هونديون آهن، تن مان هڪ اهڙو روح يا دم باهر نڪرندو آهي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي نہ فقط ماڻهوءَ کي هيٺ ڪيرائي ماريڻ، پر ڪيس ڪڙي تڙي ڪرڻ ۽ وري جيئاريڻ جي طاقت پڻ هوندي آهي." اهڙين دوا وارين ٽيلهين سان هڪ سان ماڻهوءَ کي ماريڻ جو طريقو، ان سان ڪيس ڏکڻ جو آهي، جنهن جي لڳڻ سان هو هڪدم مئل ماڻهوءَ وانگر ڪري پوندو آهي ۽ وري ٻئي ڏکڻ لڳڻ سان زنده ٿي پوندو آهي.

جان آر. جيوٽ ٽالي هڪ آواره شخص نوٽڪا سائونڊ جي هندستانين وٽ پنهنجيءَ حراست واري دوران ۾ جيڪا هڪ رسم ادا ٿيندي ڏٺي هئي، سا بلاشڪ انهيءَ قسم جي رسمن جي طبقي سان واسطو رکي آهي. هندستاني بادشاهه يا سردارُ پنهنجي پٽ جي ڪَنَ جي ڀرسان پستول جي گولي ڇوڙي، جو هڪدم ائين ڪري ڀيو، جڻ تہ مري ويو هو، جنهن تي گهر جي سڀني عورتن وڏي انتهائي دردناڪ ماتم ۽ شور ماشور برپا ڪيو ۽ پنهنجن مٿن مان وارَ جون ڇڪون پٽڻ لڳيون ۽ هاءِ هاءِ ڪري چوڻ لڳيون تہ "شهزادو مري ويو"، ساڳئي وقت ڪوٺ جا متعدد ماڻهو خنجرن ۽ بندوقن وغيره سان مسلح ٿي انهيءَ شور جو سبب دريافت ڪرڻ لاءِ گهر اندر گهڙي پيا. انهن جي هڪدم پٺيان ۾ ماڻهو اندر آيا، جي بگهڙ جي ڪل ۾ ملبوس هئا ۽ سندن منهن تي اهڙا نقاب پيل هئا، جي انهن جانورن جي سِسين جهڙا هئا. اهي ٻويان شخص انهن جانورن وانگر پنهنجن هٿن ۽ پيرن تي گهمندا آيا ۽ شهزادي کي کڻي، پنهنجن ڪلهن تي رکي، ساڳئي نموني سان هليا ويا، جنهن ۾ اندر داخل ٿيا هئا." هڪ ٻئي هنڊ جيوٽ ٻڌائي ٿو تہ: جوان شهزادي کي — جو اڃا ڪل يارهن سالن جو هو — مٿي تي بگهڙ جي سسيءَ جهڙو نقاب پيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هاڻي، جيئن ته آمريڪا جي هن حصي جا ڳاڙهما هندستاني اهڙن قبيلن ۾ تقسيم ٿيل آهن، جي جانورن ۽ ٻوٽن جون خانداني علامتون رکندا آهن ۽ "بگھڙ قبيلو" سڃاڻڻ سينيڪان وڌن قبيلن مان هڪ آهي، ۽ جيئن ته هرهڪ قبيلي جا ماڻهو اهڙي علامتي جانور جو ڪو نه ڪو حصو پنهنجي جسم تي، پائڻ جا عادي هوندا آهن، ان ڪري هيءَ امڪان آهي ته اهو شهزادو "بگھڙ" قبيلي جو هو ۽ جنهن رسم جو جيوٽ بيان ڪيو آهي، تنهن جو مطلب اهو هو ته چوڪري کي ماريو ويو ته جيئن اهو بگھڙ جي حيثيت ۾ دوباره زنده ٿي، اهڙيءَ طرح ٿئي، جهڙيءَ طرح باسق قبيلي جي شڪاريءَ ٻاڻ کي قتل ٿيندو ۽ وري رڇ جي حيثيت ۾ زنده ٿيندو سمجهيو هو.

انهيءَ رسم جي اها انوماني سمجهاڻي جڏهن ڪان وڌي ويئي آهي، تڏهن ڪان وڌي انهن ڳاڙهن هندستانين ۾ ڊاڪٽر فرئنزبوس جيڪي تحقيقاتون ڪيون آهن، تنجي نتجين مان انهيءَ سمجهاڻي جي ڪجهه قدر تصديق ٿي چڪي آهي؛ حالانڪ ائين ٻيو معاوم ٿئي ته جنهن جماعت ۾ سردار جي پٺ اهڙيءَ طرح داخلا حاصل ڪئي، سا علامتي قبيلو نه، پر "ٽلوڪوئالا" نالي هڪ خفيه سوسائٽي هئي، جنهن جا سيمبر بگھڙن جو نقل ڪندا هئا. رات جي وقت بگھڙن جو هڪ گروه اچي نڪرندو آهي، جنهنجو هندستاني لوڪ بگھڙن جي ڪلن ۾ ملبوس ٿي ۽ منهن تي بگھڙ جا نقاب وجهي، نقل ڪندا آهن. آهي "بگھڙ" نئين سيمبر کي جهنگ ڏانهن ڪٽي ويندا آهن. جڏهن انهن "بگھڙن" جو آواز ڪوٺ جي ٻاهران ٻڌو ويندو آهي، جي نئين سيمبر کي ڪٽي وڃڻ لاءِ ايندا آهن، تڏهن جماعت جا ٻيا سڀ سيمبر پنهنجا منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارا ڪري ڪائيندا آهن: "سيني قبيلن ۾ جوش آهي، چاڪاڻ
ته آءٌ ٽلوڪوئالا آهيان." ٻئي ڏينهن صبح جو "بگهڙ" انهيءَ
ٽئين سيمبر ڪي مثل حالت ۾ واپس ڪٽي ايندا آهن ۽ سوسائٽيءَ جي
سيمبرن کي ڪيس دوباره زنده ڪرڻو پوندو آهي. اڻين سمجهيو ويندو آهي
ته بگهڙن ان جي جسم اندر هڪ پٿر داخل ڪيو آهي، جنهن
کي هٽائڻ بعد هو زنده ٿي سگهندو. جيسين اها ڪارروائي ڪئي
وڃي، تيسين انهيءَ نقلي جنازي کي گهر کان ٻاهر ليٽيل حالت
۾ ڇڏي ڏنو ويندو آهي. ۽ جادوگر اهو پٿر ڪيڏ ويندا آهن،
جو بلور معلوم ٿيندو آهي ۽ ان کان پوءِ اهو ٽئون سيمبر وري
جيئرو ٿيندو آهي. برٽش ڪولمبيا جي "نيسڪا" قبيلي جي
هندستانين ۾، جي چٽن وڏين شاخن ۾ وراهيل آهن ۽ جن جا
علامتي جانور، ٽاڪرو ڪانءُ، بگهڙ، عقاب ۽ رڇ آهن،
ٽئين سيمبر ڪي داخلا وقت هميشه هڪ مصنوعي علامتي
جانور واپس ڪٽي ايندو آهي. چنانچ، جڏهن "اولالا" نالي هڪ
خفيه جماعت ۾ ڪو ٽئون ماڻهو داخل ٿيڻ وارو هو، تڏهن
سندس دوستن پنهنجا تيز چاقو چڪي ٻاهر ڪڍيا ۽ ڪيس مارڻ
جو سانگ ڪيائون. درحقيقت، انهن ڪيس ترڪي، نڪري وڃڻ
جو موقعو ڏنو ۽ انهن هڪ ٻوتي جي سري ويڙي ڇڏي، جنهن
کي ڏاڍيءَ حرفت سان ان جي بجاءِ رکيو ويو. پوءِ انهن سسيءَ
وڏيل مجسمي کي هيٺ سمهاري، ڍڪي ڇڏيو، جنهن تي
زالن وڻي روڇ راڙو شروع ڪيو. سندس عزيزن ماتمي دعوت
ڪئي ۽ ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان انهيءَ مجسمي کي ساڙيو. ٿوري
۾ چٽجي ته انهن باقاعده طور هڪ جنازي جا سڀ سات سوڻ
پورا ڪيا. ٽئون داخل ٿيل ماڻهو سڄي سال تائين غير حاضر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو، جنهن جي دوران ۽ ڪيس خفيہ جماعت وارن ڪان علاوه ٻئي ڪنهن به ڪونہ ڏٺو. پر انهيءَ ميعاد گذرڻ ڪان پوءِ، هو جيئرو جاڳندو واپس آيو ۽ ڪيس هڪ مصنوعي جانور ڪٽي آيو، جو سندس علامتي جانور جو نمائندو هو.

انهن رسمن ۽ ساڻ جو تت نووارد ڪي هڪ ماڻهوءَ جي حيثيت ۽ مارڻ ۽ ڪيس انهيءَ جانور جي حيثيت ۽ دوباره زنده ڪرڻ آهي، جو ان وقت ڪان پوءِ، جيڪڏهن سندس محافظ روح نہ ٿي رهندو، تہ به ساڻس هڪ مخصوص قريبي رشتي ۽ منسلڪ رهندو. هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪيٽيمالا جي هندستانين ڪي، جن جي زندگي جانور سان وابستہ هوندي هئي، انهيءَ خاص جانور جي صورت ۽ ظاهر ٿيڻ جي طاقت سمجهي ويندي هئي، جنهن سان اهي اهڙي نموني سان وابستہ هوندا هئا. چنانچہ، هن قياس آرائيءَ ڪرڻ ۽ اسين بي واجبي ڳالهہ نہ ڪنداسون تہ ساڳيءَ طرح برٽش ڪولمبيا جا هندستاني به اهو خيال ڪندا هوندا تہ سندن زندگي انهيءَ جنس واري ڪنهن نہ ڪنهن جانور تي دارومدار رکي ٿي، جنهن جي ڪل پائي، اهي سندس نقل ڪندا آهن. ڪم از ڪم، جيڪڏهن جديد دور جي ڪولمبين هندستانين جي ايمان جو اهو جز ناهي، تہ به تدبير زماني ۽ سندن ابن ڏاڏن وٽ ضرور ائين ٿي هوندو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ اعتقاد علامتي قبيلن ۽ خفيہ جماعتن جي رسم و رواج ۽ ساڻن سوڻن ڪي سندن موجوده صورت ڏيڻ ۽ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو هوندو. چاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ انهن ٻنهي قسمن جي جماعتن جو ميمبر سازيءَ جو طريقو مختلف هو، — هڪ ماڻهو ٻنهنجي قبيلي ۽ جمي، خفيہ جماعت ۽ زندگيءَ جي پوئين ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۾ داخل ٿيندو هو- ان جي باوجود، اسين هن باري ۾ مشڪل ئي ڪو شڪ اٿاري سگهون ٿا ته اهي ٻئي قريبي رشتيدار آهن ۽ سندن بنياد فڪر جي هڪ ئي طريقي اندر رکيل آهي. اهو خيال، جيڪڏهن مان صحيح آهيان، ڪنهن جانور، روح يا ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ طاقتور هستيءَ سان همدردانہ تعلق قائم ڪرڻ جو امڪان آهي، جنهن وٽ ماڻهو پنهنجو روح، يا ان جو ڪو حصو بطور امانت رکي ٿو ۽ جنهن کان هو ان جي عوض، جادوءَ جي طاقت جو تحفو حاصل ڪري ٿو.

چنانچہ، جنهن نظريي جو هت ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن جي بنياد تي ۾ علامتي جانورن يا ٻوٽن رکڻ جو رواج آهي ۽ جتي ۾ داخلا وقت نوآزمود کي قتل ڪرڻ ۽ وري زنده ڪرڻ جو سانگ ڪيو ويندو آهي اتي، نہ فقط روح کي ڪنهن ٻيروني شيءَ - جانور، ٻوٽي يا ڪنهن ۾ ٻيءَ شيءَ - ۾ مستقل طور رکڻ جو اعتقاد موجود ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن اڳين زماني ۾ موجود هوندو، پر سچ پچ روح کي اهڙيءَ طرح رکڻ جو قصد ٿ هوندو. جيڪڏهن هيءَ سوال اٿارجي ته ماڻهو پنهنجيءَ زندگيءَ کي پنهنجن جسمن کان باهر رکڻ جا خواهشمند ڇو هوندا آهن؟ ته ان جو جواب فقط هيءَ ئي ٿي سگهي ٿو ته پرين جي آڪاٿيءَ واري ديو وانگر، اهي پنهنجيءَ زندگيءَ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمائڻ کان، ڪيس ٻئي هنڌ رکڻ ۾ اهڙيءَ طرح زياده سلامتي سمجهندا آهن، جهڙيءَ طرح ماڻهو پنهنجن پٽسن کي ساڻ ڪٽي هلڻ کان، کين ڪنهن صراف وٽ رکڻ ۾ زياده سلامتي سمجهندا آهن. اسان ڏٺو آهي ته نازڪ وقتن تي زندگيءَ يا روح کي ڪڍهن ڪڍهن ڪنهن اهڙيءَ سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي رکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، جيسين خطرو ٽري وڃي. پر علامتن رکڻ وارن ادارن جهڙين جماعتن کان فقط خطري جي ڪن خاص موقعن تي ڪم نہ ورتو ويندو آهي، اهي اهڙيون تنظيمون آهن، جن ۾ هرهڪ فرد يا ڪم ازڪم هر هڪ مرد کي زندگيءَ جي ڪنهن وقت تي داخل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي. هاڻي، زندگيءَ جو اهو وقت، جڏهن گهٽو ڪري داخلا ڏني ويندي آهي، سو سن بلوغت جي ابتدا وارو زمانو آهي، ۽ انهيءَ حقيقت مان هيءَ اندازو ٿئي ٿو ته جنهن خطري کي علامتن رکڻ واريون جماعتون ۽ پيا اهڙا ادارا ٽارڻ جو ارادو رکن ٿا، سو ان وقت تائين رونما ٿيندو نہ ٿو سمجهيو وڃي، جيسين جنسي بلوغت جو زمانو نہ ٿو اچي ۽ درحقيقت جنهن خطري جو انديشو رهي ٿو، سو پنهي جنسن جي باهمي تعلقات سان وابسته سمجهيو وڃي ٿو. هن ڳالهه کي حقيقتن جي هڪ طويل قطار جي مدد سان ثابت ڪرڻ آسان ٿيندو ته قديم النسل ماڻهوءَ جي خيال ۾ جنسي تعلق تمام گهڻن گنهيار خطرن سان وابسته ٿئي ٿو، پر جنهن خطري جو انديشو محسوس ڪيو وڃي ٿو، تنهن جي حقيقي نوعيت اڃا تائين نامعلوم ۽ ڏاڍلي آهي. اسان کي هيءَ اميد رکڻ گهرجي ته وحشي فڪر جي طور ۽ طريقن سان زياده گهري واقفيت، ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، وحشي معاشري جي انهيءَ مرڪزي اسرار کي عيان ڪندي ۽ اها اهڙيءَ طرح، نہ فقط علامتن رکڻ جي رواج، پر شاديءَ جي نظام جي اصلي سرچشمي جي متعلق ۾ سراغ مهيا ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڻٽون

سونهري ڪاري

چنانچ، هيءَ نظريو، ته بالبر جي زندگي "مزلٽو" ٻوٽي اندر هئي، قديم فڪر جي طرز ۽ طريقن سان مڪمل طور ٽهڪندڙ آهي. هيءَ ڳالهه، درحقيقت، متضاد ٻيئي لڳي ته جيڪڏهن جي زندگي "مزلٽو" ٻوٽي ۾ هئي، ته هو بهرصورت انهيءَ ٻوٽيءَ جي ئي ڏڪ سان ماريو ويو هوندو، پر جڏهن هڪ ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي ڪنهن اهڙيءَ خاص شيءَ اندر سمايل تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي بقا سان سندس بقا اهڙيءَ طرح واسته آهي، جو اهي ٻيئي هڪ ٻئي کان علحده نه ٿا ٿي سگهن ۽ جنهن جي نيست و نابود ٿيڻ سان سندس فنا به لازمي ٿئي ٿي، ته پوءِ انهيءَ شيءَ کي جيڪڏهن ڪو نالو ڏيڻو هجي، ته ان کي ڪٿي هن جي زندگي يا موت سڏجي، جئين پرين جي آڪاڻين ۾ ٿيندو آهي. چنانچ، جيڪڏهن ماڻهوءَ جو موت ڪنهن شيءَ اندر زڪيل آهي، ته پوءِ هيءَ ڳالهه بلڪل فطرتي ٿيندي ته هو ان جي ڏڪ لڳڻ سان مري وڃي. پرين جي آڪاڻيءَ ۾ "بي موت، ڪوشيچي" جادوگر انهيءَ آني يا پٿر جي ڏڪ لڳڻ سان مري ٿو، جنهن ۾ سندس زندگي يا موت مضمر آهي، راکاس ان وقت ڪاڻي پيا، جڏهن ريتيءَ جو هڪ خاص داڻو- جنهن ۾ بنان ڪنهن شڪ جي، سندن زندگي يا موت رکيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو- سندن مٿن وٽ پهچايو وڃي ٿو، جادوگر ان وقت مري ٿو، جڏهي اهو پٿر سندس وهاڻي هيٺ رکيو وڃي ٿو، جنهن ۾ سندس زندگي يا موت پوشيده رکيل آهي؛ ۽ تاتاري جوڏي کي چٽاءَ ڏنو وڃي ٿو ته هو انهيءَ سوني تير يا سونيءَ ترار هٿان، جنهن ۾ سندس روح رکيو ويو آهي، مري پوندو.

هن نظريي جو خيال، ته شاهه بلوط جي وڻ جي زندگي "مزلٽو" پوٽي ۾ هئي، شايد هن حقيقت سبب پيدا ٿيو آهي، جئين سون اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي، ته شاهه بلوط جي وڻ هٿان اپرندڙ "مزلٽو" پوٽي سياري ۾، جڏهن شاهه بلوط سڪي سڙي ويندو آهي، پاڻ تازي ۽ سائي رهندي آهي. ۽ انهيءَ پوٽيءَ جي بيهڪ- جا ڏرتيءَ مان نه، پر وڻ جي ٽڙ يا شاخن مان اپرندي آهي- انهيءَ نظريي جي شايد تصديق ڪري. قديرالنسل ماڻهو شايد هيئن خيال ڪري ٿو ته شاهه بلوط جي روح، خود هن وانگر، پنهنجيءَ زندگيءَ کي ڪنهن سلامتيءَ واريءَ جاءِ تي محفوظ ڪرڻ جو جتن ڪيو هجي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ هن "مزلٽو" جو انتخاب ڪيو هجي جا، هڪ مفهوم ۾، نه آسمان تي ۽ نه زمين تي هڪ سبب، خطري جي رستي کان بلڪل محفوظ و مامون سمجهيو ويو هجي. هڪ اڳئين باب ۾ اسان ڏسي آيا آهيون ته قديرالنسل ماڻهو پنهنجن انسان ديوتائن جي زندگيءَ کي ڏرتيءَ ۽ آسمان جي درميان معلق رکڻ سان محفوظ ڪرڻ جو سعيو ڪري ٿو، جتي کين انهن خطرن کان گهڻو ڪري اذيشو رهي ٿو، جي ڏرتيءَ تي انسان جي زندگيءَ کي وکوڙي رهن ٿا. چنانچه، اسين هيءَ ڳالهه سمجهي سگهون ٿا ته چو، قديم ۽ جديد لوڪ- طب جو هيءُ هڪ قاعدو رهيو آهي ته "مزلٽو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڻيءَ کي زمين سان ڇهڻ نہ ڏنو وڃي، جيڪڏهن اهو اتفاق سان زمين سان لڳي ٽو پوي، تہ سندس شفا ڏيندڙ خوبي زائل ٿي ويندي. اها ڳالهہ هن قديم وهم جو باقي رهيل يادگار ٿي سگهي ٿي تہ انهيءَ پوڻيءَ کي، جنهن ۾ مقدس وڻ جي زندگي مرڪوز ٿيل هئي، انهيءَ خطري کڻڻ لاءِ نہ چڏيو وڃي، جو زمين سان لهہ وچڑ ۾ اچڻ سبب کيس لاحق پيش ايندو. هڪ هندستاني ڏند ڪٿا ۾، جا بالدر جي ڏند ڪٿا سان هڪ متوازي مثال مهيا ڪري ٿي، اندرا ديوتا "ناموسي" نالي هڪ ديو اڳيان قسم کڻي ٽو تہ هو ڪيس نہ رات جو ۽ نہ ڏينهن جو، نہ لٺ سان ۽ نہ ڪمان سان، نہ هٿ جي تريءَ سان، نہ مٽ سان، نہ ڪنهن آليءَ شيءِ سان ۽ نہ ڪنهن خشڪ شيءِ سان ماريندو. پر هن صبح جي باڪ ڦٽڻ وقت، مٿس سمنڊ جي ڇڻي، ماري وڌس. سمنڊ جي ڇڻ اڏڻي ئي هڪ شيءِ آهي، جنهن کي هڪ وحشي پنهنجيءَ زندگيءَ کي منجهس محفوظ رکڻ لاءِ شايد منتخب ڪري، چاڪاڻ تہ اها زمين، آسمان، يا سمنڊ ۽ آسمان جي وچ ۾ اڏڻي درمياني يا ناقابل بيان جاءِ والاري بيهي ٿي، جنهن ۾ هڪ قديم النسل ماڻهو سلامتي ڏسي ٿو. چنانچہ، هن ڳالهہ کوبہ تعجب ڪونهي تہ هندستان جي هڪ قبيلي جي خانداني علامت درياه جي ڇڻ آهي.

وري، هن نظريي جي، تہ "مزلٽو" جي پراسرار نوعيت جو جزوي سبب ان جو زمين تي نہ چمڻ آهي، تصديق "مائونٽين-ائش" يا "رووان-ٽري" نالن وارن پوڻن جي متعلق متوازي وهمن سان ٿئي ٿي. جتلئنڈ ۾، جيڪو "رووان" پوڻو ٻڌي ڪنهن وڻ جي چوڻيءَ سان چمندو ڏٺو ويندو آهي، تنهن کي "جادوءَ، رمل وغيره جي خلاف هڪ انتهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موثر علاج سمجهيو ويندو آهي، جيئن ته اهو ڏرتيءَ مان نه ٿو
جمي نڪري، ان ڪري ڊائٽين کي مٺس ڪوبہ اختيار ڪونهي،
جيڪڏهن ان کي مڪمل طور اثرائتو ڪرڻو هجي، ته ڪيس
'اسينشن ڊي'، ڏينهن ويڙ گهرجي. چنانچ، ڊائٽين جي داخلا کي
روڪڻ لاءِ، ان کي دروازن وٽ لٽڪايو ويندو آهي. سئيڊن ۽
ناروي ۾ ٻن "اڊامنڊز-رووان" (گلو گرون) ٻوٽي ڏانهن، يعني
اهڙي'رووان' ٻوٽي ڏانهن، جو رواجي نموني سان ڏرتيءَ مان جمندو نه
ڏٺو ويو هجي پر ڪنهن ٻئي وڻ تان يا ڪنهن ڇت تي يا ڪريءَ
جي ڪنهن اهڙي شگاف سان اپرندو نظر آيو هجي، جتي اهو
پکين طرفان منتشر ڪيل ٻج سان ڦٽي نڪتو هجي. جادوءَ
جون خوبيون منسوب ڪيون ويندیون آهن. ماڻهو چوندا آهن ته
جيڪو ماڻهو اوندهه ۾ ٻاهر هجي، تنهن کي "اڊامنڊز-رووان"
ٻوٽي جو ٽڪر وات ۾ چٻاڙڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ ڪيس جادوءَ
جي اثر هيٺ اچڻ ۽ هڪ ٽي هنڌ پٿر وانگر جمي وڃڻ جو خطرو
لاحق آهي. جهڙيءَ طرح اسڪنڊينيويا ۾، ٻئي ڪنهن وڻ تي جميل
"رووان" کي جادوءَ جي خلاف اثرائتو جنتر سمجهيو ويندو آهي،
تهڙيءَ طرح جرمنيءَ ۾ ٻئي ڪنهن وڻ تي چڙهندڙ "مزلٽو" کي هن
زماني تائين، عام طرح جادوءَ جي طاقت خلاف بچاءَ سمجهيو ويندو
آهي، جهڙيءَ طرح اسان ڏٺو ته "مڊسمر" رات جو گڏ ڪيل
"مزلٽو" کي سئيڊن ۾ گهر جي ڇت، گهوڙن جي طبيلي ۽ ڪٿن
جي واڙي ۾ هن اعتقاد سبب لٽڪايو ويندو آهي ته اهو ٻوٽو
اهڙيءَ طرح 'ٽرول' کي ماڻهوءَ يا جانور کي ضرر رسائڻ کان ٻي اثر
ٻڌائي ڇڏيندو آهي.

هن نظريي جي، ته "مزلٽو" نه فقط بالبر جي موت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿيار هو، پر ان ۾ هن جي جان ۾ هئي، اسڪاٽلنڊ جي هڪ وهم مان تصديق ٿي رهي آهي. هڪ روايت هئي ته "ٽي" جي ڪاريءَ پرسان، پرٿ شاير جي هڪ جاگير ۾، ايرول جي "هي" خاندان جي قسمت شاه بلوط جي ڪنهن وڏي وڻ تي اپرندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ سان وابسته هئي. "هي" خاندان جي هڪ پاتيءَ انهيءَ قديم اعتقاد جو بيان هن طرح تحرير ڪيو آهي: "ڳوٺن جي هيٺئين درجي وارن خاندانن ۾ خاندائي نشانن کي ذري گهٽ وساريو ويو آهي، پر هڪ قديم نسخي ۾ پرٿ شاير جي چند معمر شخصن جي روايت سان معلوم ٿئي ٿو ته "هي" خاندان وارن جو خاندائي نشان "مزلٽو" ٻوٽو هو. اڳئين زماني ۾، ايرول جي آسپاس ۾ "فالڪن" پٿر ڪان ٿوروئي دور، شاه بلوط جو هڪ تمام وڏو ۽ نامعلوم عمر جو وڻ بيٺل هو، جنهن جي مٿان اهو ٻوٽو تمام گهٽي مقدار ۾ چمندو هو، انهيءَ سان تمام گهٽا جنتر ۽ انيڪ ڏند ڪٿائون وابسته سمجهيون ويندا يون هيون ۽ "هي" خاندان جي بقا جو ميعاد ان جي وجود سان ٻڌل چيو ويندو هو. عام اعتقاد هوندو هو ته انهيءَ ٻوٽي سان "آل هئلو" واريءَ رات تي "هي" خاندان سان ڪنهن پاتيءَ جي هٿان نئين ڄاڻتي سان وڌيل نندڙي شاخ، هرقسم جي نظر جي دوکي يا جادوءَ جي خلاف يقيني جنتر ۽ جنگ جي دوران ۾ تير بهدف بچاءَ هوندي هئي، بشرطيڪ ان کي وڍڻ وقت اهو ماڻهو سڄ جي طرف منهن ڪري وڻ جي چوڌاري ٽي دفعا ڦيرا پائي ۽ هڪ خاص قسم جو جنتر دل ۾ پڙهندو رهي. ساڳئي نموني سان ٻئي شاخ معصوم ٻارن جي ٻينگهن ۾ رکي ويندي هئي ۽ ائين سمجهيو ويندو هو ته اهي ڪين پرين جي هٿان پريزادن ۾ تبديل ٿيڻ کان بچائيندي، آخر ۾، هيءَ دعويٰ ٿيل هئي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن انهيءَ شاه بلوط جي پاڙ سڙي ويندي، تڏهن 'ايرول' جي چلهه ۾ گاهه ايرندو ۽ باز جي آکيري ۾ ٽاکرو کائڻ ويهندو. 'هي' خاندان وارن مان ڪنهن فرد جي هٿان جيڪي به انتهائي بدبختيءَ جا ڪم ٿي سگهندا، سي هٿا اڇي باز کي مارڻ ۽ "ايرول" واري شاه بلوط مان ڪا ٽاري ويڙهڻ. اهو جهونو وڻ ڪڏهن ناس ڪيو ويو، تنهن جي مون کي ڪابه خبر ڪانه پئجي سگهي. اها جاگير 'هي' خاندان وارن وٽان وڪامي چڪي آهي ۽ البت هيءَ ڳالهه ڪئي ويندي آهي ته اهو موتمار شاه بلوط وڪري ڪان ٽوروئي عرصو اڳي ويڙيو ويو هو." اهو قديم وهم نظم جي صورت ۾ تحرير ٿيل آهي، جو روايت مطابق ٽامس دي رائيمر ڏانهن منسوب ڪيل آهي:

جيستائين "مزلٽو" ايرول واري شاه بلوط تي موجود رهندي،
۽ اهو شاه بلوط مضبوط بيٺو رهندو،
تيستائين 'هي' خاندان وارا آسودا رهندا، ۽ سهڻو اڇو باز،
طوفان جي سامهون نه ڏڇندو،
پر جڏهن شاه بلوط جي پاڙ سڙندي،
۽ 'مزلٽو' سندس ڪوماڻيل سيني تي سڙندي رهندي،
تڏهن ايرول جي آتشدان ۾ گاهه ايرندو،
۽ ڪارو ڪائڻ باز جو آکيرو وسائيندو.

هيءَ ڪا نئين راءِ ڪانهي ته "سونهري ٽاري" خود "مزلٽو" ٿي هئي. سچ آهي ته ورجيل ان کي "مزلٽو" سان شناخت نه ٿو ڪري، پر فقط تشبيهه ڏئي ٿو. پر اهو انهيءَ ناچيز ٻوٽي جي هٿان هڪ پراسرار شعاع وجهڻ جو هڪ شاعراڻو نمونو ٿي سگهي ٿو. يا، زياده ممڪن آهي ته سندس بيان هن عام وهم تي مبني هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ڪن خاص وقتن تي "مزلٽو" ٻوٽي هڪ فوق الفطري شعاع ڪڍندي هئي. شاعر ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه ٻه ڳيرا، ايئنس جي انهيءَ ويران وادي‌ءَ طرف رهبري ڪندي، جنهن جي گهرائين ۾ "سونهري ٽاري" اپرندڙ هئي، هڪ اهڙي وڻ تي اچي لڳا، "جتان ڦڙ ڦڙ ڪندڙ سونهري شعاع نڪري رهيو هو. جيئن سياري جي سرديءَ ۾ ٻيلن اندر مزلٽو— اها ٻوٽي، جا پنهنجي وڻ مان نه اسرندي آهي— تازن پنن سان سڄ هوندي آهي‌ءَ شاهه بلوط جي ٽارين جي چوڌاري پنهنجا زرد پير ويڙهيندي ويندي آهي. ائين ٻئي معلوم ٿيو سائيدار سدا سائي شاه بلوط مٿان سونا ورق، اهڙيءَ طرح سَر سَر ڪري رهيا هُٿا، جهڙيءَ طرح مڻيءَ هير ۾ سونهري پن". هتي، ورجيل "سونهري ٽاري" کي يقيني طور سدا سائي شاه بلوط تي اسرندڙ بيان ڪري ٿو ۽ ان کي "مزلٽو" سان مشابهت ڏئي ٿو. هيءَ قياس ذري گهٽ اڄ ڏر آهي ته "سونهري ٽاري" شاعريءَ يا عام وهم پرستيءَ جي ڏند وچان نظر ايندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ کان سواءِ، ٻيو ڪجهه ٻه نه هئي.

هاڻي، هن باري ۾ اهڙا دليل ڏنا ويا آهن ته ائريشيا جي هڙيءَ وارو پوچاري - "ٻيلي جو بادشاهه" - انهيءَ وڻ جي شخصيت جو مظهر هو، جنهن تي "سونهري ٽاري" اسرندي هئي. چنانچه، جيڪڏهن اهو وڻ شاه بلوط هو، ته پوءِ "ٻيلي جو بادشاه" شاه بلوط جي روح جي شخصيت جو مظهر هو. هيءَ ڳالهه، ان ڪري سمجهڻ آسان آهي ته چو، ڪيس قتل ڪرڻ کان اڳ، "سونهري ٽاريءَ" کي ٽوڙڻ ضروري هو. شاه بلوط جي روح جي حيثيت ۾، سندس زندگي يا موت شاه بلوط مٿان اسرندڙ "مزلٽو" ٻوٽيءَ ۾ هو، ۽ جيسين "مزلٽو" ٻوٽي صحيح سلامت هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيسين، بالڊر وانگر، هو نہ ٿي مري سگھيو. ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ ان کي "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي ٽوڙڻ ضروري هو ۽ بالڊر وانگر، شايد ڪيس ان سان ئي ڏک هٿ ۾ لازمي هو. ۽ انهيءَ توازن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، فقط هن فرض ڪرڻ جي ضرورت آهي ته "ٻيلي جي بادشاه" کي اوائلي زماني ۾ جيئرو يا مئل، "مڊسمر" جي ٻاه واريءَ تقريب وقت، (جا جيئن اسين ڏسي آيا آهيون) سال بسال ائريشيا جي هڙيءَ ۾ منعقد ڪئي ويندي هئي، ساڙيو ويندو هو. هڙيءَ ۾ جيڪا مقدس ٻاه ٻرندي هئي سا، روم ۾ "ويسٽا" جي مندر ۾، ۽ روموف ۾ شاه بلوط جي وڻ هيٺان، دائمي ٻرندڙ ٻاه وانگر، شايد شاه بلوط جي مقدس ڪائين جي هئي؛ ۽ اهڙيءَ طرح، شاه بلوط جي ڪائين جي هڪ وڏي آڙاه ۾ "ٻيلي جو بادشاه" اڳئين زماني ۾ موت سان همڪنار ٿيندو هو. پوئين زماني ۾ سندس منصب جو ميعاد، جيئن سون راءِ ڏني آهي، هن قاعدي مطابق وڌندو يا گھٽندو هو، خواه اهو ڪيئن بہ هجي، جنهن موجب ڪيس ان وقت تائين زنده رهڻ جي اجازت هوندي هئي، جيسين هو پنهنجي قوت بازوءَ جي زور تي پنهنجو خدائي حق سچائي سگھندو هو. پر هو ٻاه ان فقط ترار جي ذريعي سرڻ لاءِ بچي نڪتو.

چنانچہ، ائين ٿو معلوم ٿئي ته ڪنهن تمام قديم زماني ۾ اٽليءَ جي عين وچ ۾، نيميءَ جي سائيءَ ۾ ڏينڌ پرسان، ساڳيو ئي آتشين ۽ درد انگيز حادثو سال بسال دهرايو ويندو هو، جو بعد ۾ اٽليءَ جي تاجرن ۽ فوجين کي پنهنجن وحشي رشتيدارن، گال جي علاقي ۾ آباد سيلٽ نسل وارن لوڪن ۾ ڏسڻ ۾ آيو ۽ جو، جيڪڏهن اٽليءَ جا شهباز ڪنهن بہ وقت ناروي مٿان لاسارو ڏين ها، ٿوري ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرق سان "اتر" جي وحشي آرين ۾ ٻ ادا ٿيندو ڏسن ها. اهو ساڻ قديم آريه نسل وارن جي شاه ٻلوط جي پوڄا جو شايد هڪ خصوصي پهلو هو.

هينئر باقي هيءَ ڳالهه دريافت ڪرڻي آهي ته "مزلٽو" ڪي "سونهري ٽاري" چو سڏيو ويندو هو؟ "مزلٽو" جي پيرن جو اڇيرڙو- پيلو رنگ انهيءَ نالي لاءِ ڪافي بنياد نه ٿو معلوم ٿئي، ڇاڪاڻ ته ورجيل چوي ٿو ته اها ٽاري، ڏاڍي خواه ٻن، بلڪل سونهري هوندي هئي. شايد اهو نالو انهيءَ تيز سونهري زرديءَ مان حاصل ڪيو ويو هجي، جو "مزلٽو" جي شاخ ان وقت اختيار ڪندي آهي، جڏهن ان کي ويڄي، ڪجهه سهڻن تائين محفوظ رکيو ويندو آهي. اهو چمڪندڙ رنگ فقط پنن تائين محدود ڪونه هوندو آهي، پر ڪانڊين ڏانهن ٻ وڌي ويندو آهي، تانجو سڄي ڏاڙ واقعي هڪ "سونهري ٽاري" معلوم ٿيندي آهي. بريٽن جا ڪاشتڪار پنهنجين جهوپڙين اڳيان "مزلٽو" جا وڏا ڇڳا لڳائيندا آهن ۽ جون سهڻي ۾ اهي ڇڳا پنهنجن پنن جي چمڪيلي سونهري رنگ سبب نمايان هوندا آهن. برٽنيءَ جي ڪن حصن ۾، خاص طور موريهان جي آس پاس، گهوڙن ۽ چوپائي مال کي شايد جادوءَ ۽ شر وغيره کان محفوظ رکڻ لاءِ طبيلن ۽ واڙن جي دروازن مٿان "مزلٽو" جون ٽاريون لڳايون ويندیون آهن.

ڪوماڻيل ٽاريءَ جي زرد رنگ مان هيءَ ڳالهه شايد جزوي طور سمجهه ۾ اچي وڃي ته جو، ڪڏهن ڪڏهن "مزلٽو" لاءِ اهو خيال ڪيو ويو آهي ته ان ۾ ڌرتيءَ اندر مدفون خزانن جي راز ظاهر ڪرڻ جي خاصيت موجود آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاکاڻ تہ هرڪو جادوءَ جي اصول مطابق، هڪ زرد تاريءَ ۽ زرد سون جي درميان فطرتي مطابقت آهي. انهيءَ خيال جي انهن عجيب و غريب خوبين جي مشابهت مان تصديق ٿئي ٿي، جي عام طرح خيالي "فرن" - بج سان وابستہ ڪيون ويندیون آهن، جنهن لاءِ عام طرح اهو خيال ظاهر ڪيو ويندو آهي تہ "مڊ - سمر" واريءَ رات تي جيڪا باهہ ٻاري ويندي آهي، تنهن جي مٿان سون وانگر ٽڙي ٻيهندو آهي. چنانچہ، بوهيميا ۾ چيو ويندو آهي تہ "سينٽ جان واري ڏينهن تي 'فرن - بج'، سونن گلن جي صورت ۾ ٽڙندو آهي، جي باهہ وانگر تجلي ڏيندا آهن." هاڻي، انهيءَ خيالي 'فرن' - بج جي هيءَ خوبي آهي تہ اهو جنهن ماڻهوءَ وٽ هوندو، يا جيڪو ۽ ماڻهو "مڊ - سمر" واريءَ رات تي ان کي هٿ ۾ جهلي، جبل تي چڙهندو، سو جبل هيٺان سون جي نس ڏسندو يا ڌرتيءَ اندر دفن ٿيل خزانن کي نيليءَ روشنائيءَ سان چمڪندو ڏسندو. رشيا ۾ چوندا آهن تہ جيڪڏهن اوهين مڊسمر رات تي اڌ رات جو 'فرن' جي عجيب و غريب گل کي دستياب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو، تہ اوهان کي ان کي فقط ٻٽي هوا ۾ اڇلائڻ جي دير آهي، جنهن تي اهو هڪ ستاري وانگر عين انهيءَ هنڌ اچي ڪرندو، جتي ڪو خزانو لڪل هوندو. برٽنيءَ ۾ خزانن ڳولڻ وارا ماڻهو "مڊسمر" واريءَ رات جو اڌ رات وقت 'فرن' - بج ڪٹو ڪندا آهن، جنهن کي اهي ايندڙ سال "پام - آرتوار" تائين محفوظ ڪري رکندا آهن. ان کان پوءِ اهي انهيءَ بج کي ان جاءِ مٿان چڏيندا آهن، جتي اهي ڪو خزانو پوشيده رکيل سمجهندا آهن. ٽائرولين جا ڪڙمي سمجهندا آهن تہ پوشيده خزانا "مڊ - سمر" واريءَ رات تي شعلي وانگر ٻرندا نظر ايندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ انهيءَ پراسرار وقت ۾ دستوري حفاظت سان گڏ ڪيل 'فرن' - ۾ لڪل سون کي سطح تي آڻڻ ۾ مدد ڪندوآهي. سئزرلنڊ جي فريبرگ ضلعي جا ماڻهو سينٽ جان واريءَ رات تي "فرن" ٻوٽي جي ٻرسان ويهي، ڪنهن خزاني حاصل ڪرڻ جي اميد ۾ اوجاگو ڪندا هئا، جو شيطان بذات خود، ڪڏهن ڪڏهن انهن ڏانهن ڪٽي ويندو هو. بوهيميا ۾ ماڻهو چوندا آهن ته جيڪو به ماڻهو انهيءَ موسم ۾ "فرن" جو سونو گل هٽ ڪندو، تنهن کي انهيءَ ذريعي دنيا جي سڀني لڪل خزانن جي ڪنجي ملي ويندي، ۽ جيڪڏهن ڪنواريون ڇوڪريون انهيءَ گل هيٺان، جنهنجو رنگ ڏاڍيءَ تيزيءَ سان ڦيٽندو ويندو آهي، ڪپڙو وڇائين، ته ان ۾ سرخ سون اچي ڪرندو. ٽائرول ۽ بوهيميا ۾، جيڪڏهن اوهين پٽسن ۾ "فرن"- ۾ رکندا، ته انهن کي اوهين خواه ڪيتريقدر به صرف ڪندا، ته به اهي اصل نه ڪپندا. ڪڏهن ڪڏهن "فرن"- ۾ ناتال واريءَ رات تي ٽرندو سمجهيو ويندو آهي ۽ جيڪو به ان کي هٽ ڪندو، سو دولتمند ٿيندو. اسٽائيريا ۾ ماڻهو چوندا آهن ته ناتال واريءَ رات تي "فرن"- ۾ جمع ڪرڻ سان اوهين شيطان کي پاڻ ڏانهن پيسن جي ٿيلهي آڻڻ لاءِ مجبور ڪري سگهندا.

چنانچه، هن اصول جي بنياد تي ته هڪ جهڙا هڪ جهڙن کي ڪشش ڪندا آهن، "فرن-" ۾ لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهو سون کي هن ڪري ڪوليو ڪيندو، چاڪاڻ ته اهو خود سونهري آهي، ۽ ساڳي ئي سبب ڪري اهو اهڙي ماڻهوءَ کي سون جي اڻ کٽندڙ رسد مهيا ڪندو، جيڪو ان کي پاڻ وٽ رکندو. ۽، جيڪڏهن هڪ طرف "فرن"- ۾ کي سونهري ڇيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي، تہ ٻئي طرف ان کي چمڪندڙ ۽ آتشين ٻ چيو وڃي ٿو. چنانچہ، جڏهن اسين هيءَ ڳالهہ ياد رکون ٿا تہ انهيءَ ڏند ڪٿائي ۾ ڪڙ جا ٻ وڏا ڏينهن سڊسمر رات ۽ ناتال آهن، يعني اونهاري جو وڏي کان وڏو ڏينهن ۽ سياري ۾ ننڍي کان ننڍو ڏينهن (ڇاڪاڻ تہ ناتال سياري جي ننڍي کان ننڍي ڏينهن واريءَ قديم بت پرستانہ تقريب کان علاوه ٻيو ڪجهہ ٻ ناهي) — تڏهن اسان کي "فرن"- ۾ جي آتشين پهلوءَ کي ابتدائي، ۽ ان جي زرين پهلوءَ کي ثانوي يا مشتق تصور ڪرڻو پوي ٿو. "فرن"- ۾ ج، ڇڙ تہ، سج جي گردش جي موڙ وارن ۾ نقطن، يعني اونهاري جي وڏي کان وڏي ڏينهن، ۽ سياري جي ننڍي کان ننڍي ڏينهن تي شمسي آتش جي خروج جو هڪ ذريعو معلوم ٿي رهيو آهي. انهيءَ نظريي جي جرمنيءَ جي هن ڳالهہ سان تصديق ٿي رهي آهي، جنهن ۾ چيو وڃي ٿو تہ هڪ شڪاريءَ "مڊ-سمر" واري ڏينهن سنجهند وقت سڄ کي تير هڻي "فرن"- ۾ حاصل ڪيو هو، رت جا ٿي قطرا هيٺ اڇي ڪريا، جن کي هن اڇي ڪپڙي ۾ جهڻيو ۽ اهي ئي رت جا قطرا "فرن"- ۾ هٽا. هتي، جنهن رت جو ذڪر آهي، سو صاف آهي تہ سج جو رت آهي، جنهن سان "فرن- ۾ج" سڏيءَ طرح حاصل ڪيو ويو آهي. چنانچہ، هيءَ ڳالهہ ممڪن سمجهڻ گهرجي تہ "فرن- ۾ج" هن ڪري سونهري آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کي سج جي سونهري باهہ جو متشق سمجهيو وڃي ٿو.

هاڻي، "فرن"- ۾ج وانگر، "مڊسمر" ۾ "مڊ- سمر" يا ناتال - يعني راس السرطان يا راس الجدي - تي ڪڙ ڪئي ويندي آهي ۽ "فرن" - ۾ج وانگر، ان لاءِ ٻ ائين سمجهيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اهو زمين اندر مدفون خزانن جو راز ظاهر ڪندو. سئيدن جا ماڻهو "مد سمر" رات جو "مزلتو" يا جئن مختلف ڪائين مان، جن مان هڪ "مزلتو" هوندي آهي، غيبي راز ٻڌائيندڙ لئيون ٿاهيندا آهن. خزاني جو ڳولينڊڙ سج غروب ٿيڻ کان پوءِ، اها لٽ زمين تي رکندو آهي ۽ جڏهن اها مدفون خزاني جي عين مٿان اچي بيهندي آهي، تڏهن اها اهڙيءَ طرح متحرڪ ٿيندي آهي، جئن ته جيئري آهي. هاڻي، جيڪڏهن "مزلتو" سون جو سراغ ڳولي ڪڍي ٿي، ته اهو ڪم "سونهري ٽاريءَ" هڻڻ واريءَ حيثيت ۾ ڪندي هوندي، ۽ جيڪڏهن اها راس‌السرطان ۽ راس‌الجديءَ وارن وقتن تي گڏ ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ چا، اها "سونهري ٽاري" ۽ سونهري "فرن" - هڪ وانگر شمسي آتش جي متشق نه هوندي؟ انهيءَ سوال جو جواب سڌيءَ سادي‌ءَ اثبات ۾ نه ٿو ڏيئي سگهجي. اسان ڏٺو آهي ته قديم آريه نسل واريون قوسون اونهاري ۽ سياري واريون ۽ ٻيون تقريبي باهيون جزوي طور سورج - جنترن جي حيثيت ۾، يعني سج کي تازي باه مهيا ڪري ڏيڻ جي ارادي سان، پاريندڙ هيون، ۽ جيئن ته اهي باهيون عام طرح شاهه بلوط جي ڪائين کي هڪ ٻئي سان گسائڻ ذريعي باريون ويندڙ هيون، ان ڪري هڪ قديم آريي کي هيئن نظر آيو هوندو ته سج کي مقرر ميعاد کان پوءِ انهيءَ باهه جي ڀرتي ڏيڻ ضروري هئي، جا شاهه بلوط جي ڪائيءَ اندر مقيم هئي. ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٽي چئجي ته شاهه بلوط ڪيس انهيءَ باهه جو اصلي گدام يا چشمو نظر آيو هوندو، جا سج کي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ وقت بوقت باهر ڪڍي ويندي هئي. پر جيڪڏهن شاهه بلوط جي زندگي "مزلتو" اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمايل سمجهي ويندي هئي، تہ پوءِ انهيءَ نظريي مطابق، انهيءَ باهم جو ڇڪ يا اصل بنياد، جا شاهم بلوط جي ڪائين جي رگڙ مان ڪڍي ويندي هئي، "مزلٽو" ۾ ئي سمايل سمجهيو ويندو هوندو. چنانچہ، هيئن چوڻ بدران، تہ "مزلٽو" شمسي آتش جو متشق هئي، هيئن چوڻ شايد زياده درست ٿيندو تہ خود شمسي آتش "مزلٽو" جي متشق هئي. چنانچہ، هن ڪالهم ۾ ڪوبہ تعجب ڪونهي تہ "مزلٽو" سونهري تجليءَ سان روشن هوندي هئي ۽ ڪيس "سونهري ٽاري" سڏيو ويندو هو. بهرحال، ممڪن آهي تہ "فرن" - ڇڪ وانگر، ان لاءِ بہ ائين سمجهيو ويندو هجي تہ اُها ڇوٽي سونهري رنگ ڪن مقرر وقتن، خاص طرح "مڊ - سمر" تي اختيار ڪندي هئي، جڏهن سج ڪي روشن ڪرڻ خاطر شاه بلوط مان باه ڪڍي ويندي هئي. شروع شاير ۾، پلوربئچ وٽ، يادگيريءَ واري زماني تائين ماڻهن ۾ هيءَ اعتقاد هوندو هو تہ شاه بلوط جي وڻ ۾ "مڊسمر" واريءَ رات تي گل ڦٽندا آهن، جي سج اپرڻ ڪان اڳ ڪومائجي ويندا آهن. جيڪا ڪنواري ڇوڪري شاديءَ جي باري ۾ پنهنجيءَ قسمت ڪان واقف ٿيڻ جي خواهان هجي، تنهن کي رات جي وقت انهيءَ وڻ هيٺان اچو ڪپڙو وڇائڻ گهرجي ۽ صبح جو ڪيس فقط اڇي خاڪ ملندي، جا انهيءَ گل جي باقي بچت هوندي. ڪيس انهيءَ خاڪ جي هڪ چپڻي وهاڻي هيٺان رکڻ گهرجي ۽ پوءِ مستقبل ۾ جيڪو سندس ڀڙس ٿيندو، سو ڪيس خوابن ۾ نظر ايندو. شاه بلوط جو اهو ناپائدار پور، جيڪڏهن آڳ صحيح آهيان، شايد "سونهري ٽاريءَ" واريءَ نوعيت ۾، "مزلٽو" ئي هوندو. انهيءَ انومان جي هن رسم مان تصديق ٿئي تہ ويلس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مڌسمر" واريءَ رات ۾ ٽوڙيل "مزلٽو" ٻوٽيءَ جي سڄي ڇڄي شاخ اڳڪٿين جهڙن خوابن ڏسڻ لاءِ وهائي هٿان رکي ويندي آهي، ان کان علاوه شاه ٻلوط جي خيالي پورکي اڇي ڪپڙي ۾ جهٽڻ وارو طريقو بلڪل اهوئي آهي، جو ڊروئڊ پادري سڄي ڇڄي "مزلٽو" کي ان وقت جهٽڻ لاءِ اختيار ڪندا هئا، جڏهن اڃا سوئي ڏانڊي ذريعي وڌجي، شاه ٻلوط جي ٽاريءَ کان هيٺ ڪرندي هئي. جيئن ٿ شروپ شاير جي سرحد ويلس جي لڳ آهي، ان ڪري هيءَ اعتقاد ته شاه ٻلوط جو وڻ "مڌسمر" رات جو ٻور جهاينڊو آهي، غالباً وياش بنياد جو هجي، جيتوڻيڪ اهو اعتقاد قديم النسل آريه مذهب جو هڪ جز آهي. انليءَ جي ڪن حصن ۾، جيئن اسين ڏسي آيا آهيون، مقامي ڪڙي اڃا تائين "مڌسمر" واري ڏينهن صبح جو شاه ٻلوط جي وڻن تي "سينٽ جان جي تيل" جي ڳولا ڪرڻ لاءِ نڪرندا آهن جو، "مزلٽو" وانگر، سيني زخمن کي چٽائيندو آهي ۽ جو شايد هڪ شاندار صورت ۾ بذات خود "مزلٽو" ئي هوندو آهي. چنانچه، هيءَ ڳالهه سمجهڻ آسان آهي ته "سونهري ٽاريءَ" جهڙو خطاب، جو ان جي وڻ تي آسرڻ جي خوبيءَ جي ايتري قدر قليل وضاحت ڪري رهيو آهي، ٻئي ڪنهن وڻ تي اسرندڙ، اهڙيءَ ناچيز ٻوٽيءَ کي ڪيئن ڏنو ويو هوندو. ان کان سواءِ، اسين شايد هيءَ ڳالهه به سمجهي سگهون ٿا ته قديم زماني ۾ "مزلٽو" کي باه وسائڻ جهڙيءَ عجيب و غريب خوبيءَ جو حاصل ڇو سمجهيو ويندو هو ۽ ڇو ان کي سئيڊن ۾ اڃا تائين باه لڳڻ جي بچاءَ طور گهرن ۾ رکيو ويندو آهي. سندس آتشين خوبي، کيس باه ذريعي پهچندڙ زخم يا ضرر واريءَ حالت لاءِ، همدم جادوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اصول مطابق هڪ بهترين علاج يا حفاظتي شيءَ جي حيثيت ۾ نمايان ڪري ٿي.

اهي خيال هن ڪالهه جي شايد جزوي سمجهاڻي ڏين ٿا تہ چو ورجيل ايئينس ڪان اونداهيءَ تحت‌الارضي دنيا ۾ هيٺ لهڻ وقت شاندار "مزلٽو" جي هڪ شاخ هٿ ۾ کڻائي ٿو. شاعر ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن نہ خود دوزخ جي دروازن وٽ هڪ اڻاهہ ۽ انداهو ٻيلو هو، ۽ ڪيئن نہ جوڏو انهن ڳيرن جي پرواز جي اشاري تي، جي ڪيس دوکو ڏيئي اڳتي وڌي پئي ويا، انهيءَ ناقابل ياد ٻيلي جي گهراين ۾ رلندو ڦرندو رهيو، تانجو هن وٽن جي پاڇن مان دور ڪٿي "سونهري ٽاريءَ" جي ٿر ٿر ڪندڙ روشنائيءَ کي بلند ۽ گهاٽين ٽارين کي روشن ڪندو ڏٺو. جيڪڏهن "مزلٽو" کي سرڻ جي اندوهناڪ ٻيلن ۾ هڪ ڪوماٽيل ۽ زرد شاخ جي حيثيت ۾ پنهنجي اندر باهم جو ڇڪ رکندڙ سمجهيو ويو هو، تہ پوءِ زير زمين پاڇن ۾ رلندڙ هڪ آواره راهگير کي اهڙي ٽاريءَ ڪان بهتر ٻيو ڪهڙو ساڻي ملي سگهي ها، جا هڪ ئي وقت سندس قدمن لاءِ هڪ چراغ ۽ سندس هٿن لاءِ هڪ لٺ جو ڪم ڏيئي ٿي سگهي؟ انهيءَ سان مسلح ٿي، هو انهن خطرناڪ ساين سان دليريءَ سان مقابلو ڪري ٿي سگهيو، جي انهيءَ پرخطر سفر ۾ سندس راه سان گذرڻ وارا هٿا. چنانچہ، جڏهن ايئينس ٻيلي سان ڪري، اسٽائيڪس درياه جي ڪنارن تي اچي نڪري ٿو، جو پنهنجي سست وهڪري سان جهنمي جهنگن وچان ور وڪڙ ڪائيندو گذري رهيو هو ۽ جڏهن بدمزاج پاٽئي پنهنجيءَ ٻيڙيءَ ۾ ڪيس کٽڻ ڪان انڪار ڪري ٿو، تڏهن ڪيس پنهنجي سيني وچان "سونهري ٽاريءَ" کي فقط باهر ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي سامهون جهلڻو پوي ٿو ۽ انهيءَ دم اهو گهڻ-گهالهائو ان جي هڪ جهلڪ تي ڪنبي وڃي ٿو ۽ بلڪل خاموشيءَ سان جوڙي کي پنهنجيءَ ڀڳل ٽنڊل پيڙيءَ اندر اچڻ جي اجازت ڏئي ٿو، جا هڪ زنده ماڻهوءَ جي غير معمولي وزن هيٺ پاڻيءَ ۾ گهڻو هيٺ هڏي وڃي ٿي. خود جديد زماني تائين، جئين اسين ڏسي آيا آهيون، "مزلٽو" کي ڏانئڻين ۽ شيطانن جي خلاف حفاظت ۽ بچاءَ سمجهيو ويو آهي ۽ امڪان اغلب آهي ته قديم زماني جي ماڻهن به ڪيس اهڙيءَ جادوي خوبيءَ سان نوازيل سمجهيو هوندو، ۽ جيڪڏهن ٻئي وڻ تي اسڙندڙ اها پوٽي سيٽي تالا ڪولي سگهي ٿي، جيئن اسان جا ڪي آبادگار اعتقاد رکن ٿا، ته پوءِ آنهيءَ موت جي دروازن کي کولڻ لاءِ ايٽينس جي هٽن ۾ هڪ "ڪُلي ٻُڌ سر، سر" جو ڪم چو ڪونه ڏنو هوندو؟

هاڻي، اسين هيءَ قياس ڪري سگهون ٿا ته چو، نيميءَ جي پاڪ هڙيءَ ۾ وربيٽس کي سچ سان سُنجهايو ويو هو. جيڪڏهن وربيٽس وڻ جو روح هو، جئين سون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته پوءِ هو ضرور شاهه بلوط جي وڻ جو روح هوندو، جنهن تي "سونهري ٽاري" چميل هئي، چاڪاڻ ته روايتن ۾ هن کي "ٻيلي جي بادشاهن" سان پهريون ڏيکاريو ويو آهي. شاهه بلوط وڻ جي روح جي حيثيت ۾، سندس متعلق هيٺن سمجهيو ويو هوندو ته هو سچ جي باهه کي ڪنهن خاص موسم ۾ دوباره روشن ڪندو آهي ۽ ان ڪري ڪيئن آسانيءَ سان خود سچ جي ذات سان سنجهايو ويو هوندو. ساڳيءَ طرح اسين هيءَ گالهه به سمجهائي سگهون ٿا ته چو، بالدر ديوتا کي، جو شاهه بلوط جو هڪ روح هو، "شڪل جو اهڙو سهڻو ۽ اهڙو چمڪيلو، جو منجهانئس نور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو نڪرندو هو"، چيو ويو آهي ۽ چوي، ان کي عام طرح خود سڄ سمجهيو ويندو هو. عام طور اسين هيٺن چئي سگهون ٿا ته قديم زماني جي معاشري ۾، جڏهن باهم ٻارڻ جو چاتل طريقو فقط ڪاٺ کي گسائڻ جو هو، تڏهن هڪ وحشي ماڻهو باهم کي لازمي طور هڪ اهڙي خاصيت تصور ڪندو هوندو، جا عرق يا رس وانگر وڻن اندر ذخيره ٿيل هوندي، جن جي اندران کيس محنت ڪري اها باهر ڪڍڻي پوندي ڪئليفورنيا جي سينال قبيلي جا ٻاڙها هندستاني اعتقاد رکندا آهن ته سڄي دنيا ڪنهن وقت آتش جو هڪ گولو هئي، جنهن مان اهو عنصر نڪري، وڻن ۾ وڃي گڏ ٿيو، جو هينئر هر اهڙي وقت تي منجهائڻ باهر نڪري اچي ٿو، جڏهن ڪائيءَ جا ٻه ٽڪر هڪ ٻئي سان گسايا وڃن ٿا." ساڳيءَ طرح، ڪئليفورنيا جي "مئڊو" قبيلي وارن جو اعتقاد آهي ته "ذرتي اوائل ۾ پگهريل مواد جو هڪ ڪره هئي ۽ ان منجهان باهم جو تت وڻن جي ٻاڙن ذريعي انهن جي ٽڙن ۽ ٽارين ۾ مٽي چڙهي ويو، جنهن کي هندستاني لوڪ پنهنجي برمي جي وسيلي وڻن مان چڪي باهر ڪڍي سگهن ٿا." ڪئرولين ٻيٽن مان نامولڪ نالي هڪ ٻيٽ ۾، ماڻهو چوندا آهن، باهم ٻارڻ جو هنر ماڻهن کي ديوتائن سيکاريو. شعلن جي حرڪتي مالڪ، "اولوفيٽ"، "موي" نالي هڪ ڪيءَ کي باهم ڏيئي، حڪم ڏنو ته هو ان کي ڇهنب ۾ رکي، ذرتيءَ تي ڪٽي وڃي. چنانچ، اهو ڪي هڪ وڻ تان ٻئي تي اڏامندو رهيو ۽ انهيءَ دوران ۾ هن باهم جي ستل قوت کي ٻيلي ۾ ذخيره ڪيو، جنهن مان ماڻهو ان کي ڪائيءَ جي ٻن ٽڪرن جي رگڑ ذريعي حاصل ڪري سگهن ٿا. هندستان جي قديم ويدن جي منترن ۾ باهم جي ديوتا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگنيءَ، لاءِ چيو ويو آهي تہ اهو ڪاٺ ۾ جايل آهي، ٻوٽن جو گرپ آهي يا ٻوٽن اندر تقسيم ٿيل آهي. هن لاءِ ائين ٻ چيو ويو آهي تہ اهو سيني ٻوٽن اندر داخل ٿيل آهي يا منجهن داخل ٿيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. جڏهن ڪيس وٽن يا وٽن خواه ٻوٽن جو گرپ سڏيو وڃي ٿو، تڏهن انهيءَ باهم مٽان شايد پاسيري نظر آهي، جيڪا وٽن جي ٽارين جي رڳڙ سبب ٻيلن ۾ پيدا ٿيندي آهي."

جنهن وڻ ڪي وچ ساڙيو هوندو آهي، تنهن ڪي وجهي ماڻهو بلڪل قدرتي طرح ائين سمجهندا آهن تہ ان ۾ باهم جو ٻيٽو يا ٽيٽو وزن ٻيل آهي، چاڪاڻ تہ هن انهيءَ تيز چمڪاٽ ڪي ٽڙ. اندر گهڙندي اکين سان نہ ڏٺو آهي چا؟ اهڙيءَ طرح، اسين شايد انهن مختلف وهمي اعتقادن مان ڪن جي سمجهاڻي ڏيئي سگهون، جي اهڙن وٽن جي متعلق عام ماڻهن جي دلين ۾ ويٺل هوندا آهن، جن ڪي وچ ساڙيو هوندو آهي. برٽش ڪولمبيا ۾ آباد، ٽامپسن قبيلي جا ڳاڙها هندستاني جڏهن پنهنجن دشمنن جي گهرن ڪي باهم ڏيڻ چاهيندا هئا، تڏهن انهن مٽان اهي تير چوڙيندا هئا جي، اهڙن وٽن جي ڪاڻيءَ مان لهيل هوندا هئا، جن ڪي وچ ساڙيو هوندو هو يا پنهنجن تيرن سان اهڙن وٽن جا چوڏاڙ اڪائيندا هئا. سڪسنيءَ ۾ رهندڙ ويندِ نسل جا ڪڙمي اهڙن وٽن جي ڪاڻي پنهنجين چلهين ۾ ساڙڻ کان پرهيز ڪندا آهن، جن ڪي وچ ساڙيو هوندو آهي. هو چوندا آهن تہ اهڙين ڪاڻين ٻارڻ سبب گهر ڪي باهم لڳندي. ان جي برعڪس، جڏهن وچ سبب ڪنهن وڻ ڪي باهم لڳندي آهي، تڏهن اتر روڊيشيا جا "ونام وانگا" نسل جا حبشي ڪوٺ جون سپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهيون وسائي چڏيندا آهن، چلهين کي نئون ليپو ڏيندا آهن ۽ قبيلي جا پريا مڙس وچ مان پريل باه پنهنجي سردار ڏانهن ڪٽي ويندا آهن، جو ان مٿان دعا پڙهندو آهي. پوءِ، سردار اها باه پنهنجي قبيلي جي سيني ڳوٺن ڏانهن موڪليندو آهي، جتان جا رهاڪو انهيءَ نعمت جي ملڻ جي عيوض سندس قاصدن کي انعام ڏيندا آهن. هن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي وچ مان پريل باه کي احترام جي نظرن سان ڏسندا آهن. ۽ انهن جو اهو احترام قابل فهم آهي، چاڪاڻ ته اهي ماڻهو وچ ۽ گجگوڙ لاءِ ائين چوندا آهن ته انهن پرويڙهجي خود خدا زمين تي هيٺ لهي ايندو آهي. ساڳيءَ طرح، ڪئليفورنيا جي مٿيون قبيلي جا ڳاڙها هندستاني هيءَ اعتقاد رکندا آهن ته هڪ "عظيم بزرگ" هن دنيا ۽ ان جي سيني مڪينن کي خلقيو آهي ۽ وچ خود انهيءَ "عظيم بزرگ" کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، جو ڏاڍيءَ تيزيءَ سان آسمان کان باهر نڪري هيٺ لهي ٿو ۽ انهيءَ وچ ۾ پنهنجيءَ پرندڙ ڀانهن سان وٽن کي چيري ۽ ڦاڙي ٿو.

هيءَ نظريو معقول لڳي ٿو ته. قديم يورپ جا ماڻهو شاهه بلوط جي وڻ کي جيڪو احترام ڏيندا هئا ۽ انهيءَ وڻ ۽ سندس آسماني ديوتا جي درسيان، جنهن رابطي جو سراغ ڳوليندا هئا، سي انهيءَ ڪثرت جا نتيجا هئا، جنهن سان وچ شاهه بلوط جي وڻ کي اسان جي يورپي ٻولي جي ٻن سيني وٽن کان زياده جلد ساڙيندي نظر اچي ٿي. هن وڻ جي اها خصوصيت سائنسي تفتيش ڪندڙن جي تبصرن جي سلسلي مان، جن کي ڪنهن ڏندڪٿائي نظريي کي ثابت ڪرڻو ناهي، قريبي سالن جي دوران ۾ صحيح ثابت ٿي چڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اسين انهيءَ اتفاق کي خواه کهڙيءَ طرح ۾ سمجهايون، خواه هن نموني ته ٻين قسمن جي کائين کان شاه بلوط جي ڪاڪ سان ٻجلي زياده آسانيءَ سان گذر ڪري وڃي ٿي يا ڪنهن ٻئي نموني سان، بهر صورت، خود انهيءَ حقيقت آسان جي آنهن وحشي ابن ۽ ڏاڏن جو ڏيان پنهنجي طرف ضرور مبذول ڪرايو هوندو، جي انهن بي پايان ٻيلن ۾ رهندا هئا، جن سان يورپ جو زياده تر حصو انهيءَ زماني ۾ ڍڪيل هو، ۽ اهي انهيءَ حقيقت کي پنهنجي سڏي سادي مذهبي نموني ۾ هن قياس آرائيءَ جي آڌار تي سمجهائيندا هوندا ته عظيم آسماني- ديوتا، جنهن جي اهي پوڄا ڪندا هئا ۽ جنهنجو مهيب آواز اهي ڪڙڪن جي گجگوڙ ۾ ٻڌندا هئا، ٻيلي جي ٻين سڀني وڻن کان وڌيڪ شاه بلوط سان محبت ڪندو هو ۽ اهو وقت ٻوقت وڄ جي چمڪاٽ ۾ ڪارن ڪڪرن منجهان ان تي هيٺ لهي ايندو هو ۽ پنهنجيءَ موجودگيءَ يا گذر جو نشان وڻ جي جيريل، ڦاڙيل ٽڙ ۽ سڙيل پنن ۾ ٻڌيان ڇڏي ويندو هو. ان کان پوءِ، اهڙن وڻن جي چوڌاري، گجگوڙ ڪندڙ آسماني- ديوتا جي ظاهري گذر واريءَ جاءِ جي حيثيت ۾، جلوي جو حلقو ڏنو ويندو هو. هيءُ هڪ يقيني امر آهي ته ڪن وحشي لوڪن وانگر، يوناني ۽ رومي، ٻئي قومون پنهنجي آسمان ۽ شاه بلوط واري عظيم ديوتا کي وڄ جي چمڪاٽ سان شناخت ڪنديون هيون، جو زمين تي هيٺ اچي ڪرندو هو، ۽ اهي اهڙي سڙيل هنڌ کي باقاعدگيءَ سان لوڙهو ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ ان کان پوءِ ان کي مقدس تصور ڪندا هئا هيءُ قياس ڪرڻ نامعقول نه ٿيندو ته مرڪزي يورپ جي گهاڻن ٻيلن ۾ رهندڙ سيلٽ ۽ جرمن جا ابا ۽ ڏاڏا وڄ جي سڙيل شاه بلوط کي ساڳين سببن ڪري ساڳيو احترام ڏيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه بلوط لاءِ آريه قومن جي احترام ۽ سندس گجگوڙ ۽ آسمان واري عظيم ديوتا جي انهيءَ وڻ سان وابستگيءَ جي اها سمجهاڻي تمام گهڻو زمانو اڳ جيڪب گرم طرفان پيش ڪئي ويئي هئي ۽ ان کي قريبي سالن اندر مسٽر ڊبليو- واردـ فائولر طرفان زبردست تقويت حاصل ٿي آهي، اها سمجهاڻي انهيءَ کان زياده سادي ۽ زياده ممڪن نظر اچي ٿي، جا سون پهريائين اختيار ڪئي هئي، يعني ته شاه بلوط جي پوڄا بنيادي طور انهن مختلف فائدن سبب ڪئي ويندي هئي، خاص طرح انهيءَ باهم لاءِ، جا انهيءَ وڻ جي ڪائين کي گسائڻ سان حاصل ڪئي ويندي هئي، سبب ڪئي ويندي هئي، جي اسان جا وحشي ابا ۽ ڏاڏا انهيءَ وڻ سان حاصل ڪندا هٿا ۽ پيو ته شاهم بلوط جو آسمان سان تعلق بعد جي فڪر جو نتيجو هو، جنهن جو بنياد هيءَ اعتقاد هو ته وڄ جو چمڪاٽ انهيءَ چٽنگ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو، جنهن کي مٿي ويڙل آساني ديوتا شاهم بلوط جي ٻن ٽڪرن کي هڪ ٻئي سان گسائڻ وسيلي بلڪل اهڙي نموني ڪيڊي رهيو هو، جهڙيءَ طرح سندس وحشي پوڄاري زمين تي پيلي ۽ پاريندو هو- انهيءَ نظريي مطابق، گجگوڙ ۽ آسمان وارو ديوتا شاهم بلوط جي اصلوڪي ديوتا سان حاصل ڪيو ويو هو، موجوده نظريي مطابق جنهن کي آڳ هينئر ترجيح ڏيان ٿو، آسمان ۽ گجگوڙ جو ديوتا اسانجي آريه ابن ۽ ڏاڏن جو اصلوڪو عظيم ديوتا هو ۽ شاهم بلوط سان سندس وابستگي محض هڪ قياس هو، جنهن جو بنياد وڄ جي انهيءَ ڪثرت تي رکيل هو، جنهن سان اها شاهم بلوط کي ساڙيندي نظر ايندي هئي- جيڪڏهن آريه يورپي پيلن جي انڌيري ۽ ڏوڪي پوڻ کان اڳ، پنهنجن ڏٺن ۽ ولرن سان رشيا يا وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايشيا جي گاهه وارن ٻي پاڻان ميدانن ۾ گهمندا ڦرندا رهيا، جيئن ڪن جو خيال آهي، تہ ٻوءِ سمڪن آهي تہ انهن هن نيلي آسمان ۾ چمڪاٽ ڪيندڙ گجگوڙ جي ديوتا کي پنهنجي نئين گهر ۾ سڙيل شاهه بلوط سان واسته ڪرڻ جي خيال کان گهٽو اڳي پوڄ شروع ڪيو هوندو.

نئين نظريي ۾ شايد شاهه بلوط تي اسرندڙ "مزلٽو" ڏانهن منسوب ڪيل خاص تقدس تي ڪجهه روشنيءَ وجهڻ ۾ مزيد فائدو آهي. شاهه بلوط جي وڻ تي اهڙيءَ ٻوٽيءَ جي محض دشوار دستيابي انهيءَ وهم جي وسعت ۽ پختگيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ناڪافي آهي. ان جي اصلي بنياد متعلق پلنيءَ جي هن بيان مان شايد اشارو ملي ٿو تہ ڊورئڊ لوڪ انهيءَ ٻوٽيءَ کي هن ڪري پوڄيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ سندن اعتقاد هو تہ اها آسمان تان هيٺ ڪري هئي ۽ اها حقيقت هن طرف هڪ اشارو هئي تہ جنهن وڻ مٿان اها ٻوٽي ڄمندي هئي، سو خود ديوتا طرفان منتخب ڪيو ويو هوندو ڇا، ائين ٿي سگهي ٿو تہ انهن ماڻهن هيئن سمجهيو هجي تہ "مزلٽو" ٻوٽي وچ جي چمڪاٽ ۾ هيٺ ڪري هئي؟ انهيءَ انوسان جي "گجگوڙ - ٻوهارو" جي نالي مان تصديق ٿي رهي آهي، جو آرگائو نالي سئرلنڊ جي هڪ ضلعي ۾ "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي ڏنل آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ صفت ۾ انهيءَ ٻوٽيءَ ۽ گجگوڙ جي درميان قريبي تعلق جو راز پوشيده آهي، درحقيقت، "گجگوڙ - ٻوهارو" جرمنيءَ اندر هڪ عام نالو آهي، جو ڪنهن ڏاريءَ تي اپرندڙ گاهه جي آڪيري جي صورت جهڙي ڪنهن ٻ خارجي سواد کي ڏنو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ وڻ تي اسرندڙ اهڙي ڪنهن ٻ سواد کي جاهل طبقي جا ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃ جي پيداوار سمجهندا آهن. جيڪڏهن انهيءَ قياس آرائيءَ ۾ ڪا صداقت آهي، تہ پوءِ هن ڳالهہ جو، تہ پيلي جي پين سيني وڻن کي چڏي، ڏورئڀ لوڪ "مزلٽو" ٻوٽيءَ واري شاهہ بلوط جي پوڄا چو ڪندا هٿا، اصلي سبب هيءَ اعتقاد هو تہ شاهہ بلوط جو اهڙو هر هڪ وڻ، نہ فقط وڃ جو ساڙيل هوندو هو، پر ان جي شاخن ۾ آسماني باهہ جو ظاهري وهڪرو پڻ موجود هوندو هو، چنانچہ، "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي پراسرار سائن سوڻن سان ويڙهي ذريعي اهي ماٹهو پنهنجي لاءِ گجگوڙ جون سڀ خاصيتون ۽ صفتون حاصل ڪندا هٿا. جيڪڏهن ائين هو، تہ پوءِ اسان کي ظاهري طور هيءَ فيصلو ڪرڻو پوندو تہ "مزلٽو" ٻوٽي وڃ اونهاري جي سڃ جي بجاءِ، جيئن سون هيل تائين دليل بازي ٿئي ڪئي آهي، وڃ جو متشق جز هئي. تحقيق، اسين انهن متضاد نظر ايندڙ ٻن نظرين کي هن ڳالهہ کي فرض ڪرڻ سان شايد ڳنڍي سگهون تہ قديم آريا مذهب موجب "مزلٽو" ٻوٽي "مد سمر" واري ڏينهن تي سڃ مان نڪرندڙ بجليءَ جي هڪ تيز چمڪاٽ ۾ ويڙهجي هيٺ لٿي هئي. پر اهڙو اشتراڪ مصنوعي هڻ سان گڏ، (جيسين سون کي معلوم آهي) ڪنهن بہ سڌيءَ ۽ اثباتي شهادت جي حمايت کان محروم آهي. انهن مفهومن ۽ معنائن کي ڏند ڪٿائي اصولن جي بنيادن تي هڪ ٻئي سان موافق بٹائي سگهجو يا نہ، تنهن جي چوڻ جي آڇ جسارت ڪانہ ڪندس، پر، بفرض محال، جيتوڻيڪ اهي ٻيئي هڪ ٻئي سان خواہ غير موافق بہ ثابت ٿين، تہ بہ انهن جي نا مطابقت اسان جي وحشي ابن ۽ ڏاڏن کي انهن ٻنهي کي هڪ ئي وقت، ايمان جهڙي صدق سان اختيار ڪرڻ کان هرو ڀرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ روکي سگھي ها، چاکاڻ تہ انسان ذات جي گھڻيءَ اکثريت وانگر، هڪ وحشي ۽ ڪليسائي منطق جي چار ۽ قاسم ڪان بيزار آهي. هن جي وروڪڙ ڪائيندڙ ۽ ڏنگي ڏڏي خيال جي پيڇري کي ڪٽيف جهالت ۽ انڌي ڊپ جي جهنگ وچان گھوڙي جي ڪوشش ۽، اسان کي هميشه ياد رکڻ گھرجي تہ اسين هڪ مسحور علائقي ۾ قدم رکي رهيا آهيون ۽ انهن ڏنڊلين شڪلين کي ٿوس حقيقتون نہ سمجھون، جي اسان جي رستي جي آر پار لنگھي وڃن يا اونداهيءَ وچان اسان جي مٿان لارا ڏين ۽ ڇڇريل ڳالهائين. اسين پاڻ کي انهيءَ مقام تي آڻي نہ بيهاري سگھنداسون، جتي هڪ قديم النسل انسان بيٺل هو، انهن نظرن سان نہ ڏسي سگھنداسون، جنهن سان هو شين کي ڏسندو هو ۽ نہ وري پنهنجين دلين کي انهن جذبن سان ڏڙڪندو محسوس ڪري سگھنداسون، جي هن کي متاثر ڪندا هٿا. چنانچہ، قديم النسل انسان ۽ سندس طور ۽ طريقن متعلق اسان جا سڀ نظريا يقين ۽ خاطريءَ جي حد کان لازمي طور تمام گھٽو پٺتي رهجي ويندا، اهڙن معاملن ۾ اسين جنهن مقام حاصل ڪرڻ جي وڏي کان وڏي توقع رکي سگھون ٿا، سو امڪان جو هڪ معقول درجو آهي.

انهيءَ تفتيش کي ختم ڪرڻ لاءِ اسين چئي سگھون ٿا تہ جيڪڏهن (منهنجيءَ قياس آرائيءَ مطابق) بالڊر تحقيق "مزلٽو" ٻوٽيءَ واري شاه بلوط جي وڻ جي شخصيت جو نمائندو هو، تہ پوءِ "مزلٽو" ٻوٽيءَ جي هڪ ڏکي ذريعي سندس موت کي، نئين نظريي مطابق، هيئن سمجھائي سگھبو تہ سندس موت وڃ جي هيٺ ڪرڻ سبب واقع ٿيو هو. جيتري غرضي تائين "مزلٽو" ٻوٽيءَ کي، جنهن ۾ وڃ جو شعلو اندر ئي اندر ڏکي رهيو هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه بلوط وڻ جي ٽارين جي وچ ۾ آسرندو ڇڏيو ويو، تيتري تائين شاه بلوط جي نيڪ ۽ رحمدل ديوتا سٽان، جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ کي انهيءَ پراسرار پوٽيءَ ۾ زمين ۽ آسمان جي درميان سلاميءَ خاطر معلق رکيو هو، کاڻ آفت نازل ٿي نٿي سگهي، ۽ هڪ دفعو جڏهن سندس زندگيءَ يا موت جي انهيءَ جاءِ، يعني "مزلٽو" پوٽيءَ، کي ٽاريءَ مان ٽوڙي ڪڍيو ويو ۽ آها مٽس اڇلائي ويئي، تڏهن وڻ هيٺ ڪري پيو— ديوتا مري ويو- گجگوڙ ڪندڙ وچ ۾ سڙي، مري ويو.

اسڪنڊينيويا جي شاهه بلوط وارن پيلن ۾ رهندڙ بالدر ديوتا جي متعلق اسان جيڪي چيو آهي، تنهن کي اسين اهڙي غير واضح ۽ غير يقيني معاملي جي حالت ۾، پنهنجيءَ بي حوصلگيءَ ۽ بي مايگيءَ تي نگاه رکندي، اثريشيا وٽ آڻليءَ جي شاه بلوط وارن پيلن ۾ رهندڙ ڏائنا ديويءَ جي پوڄاريءَ ۽ "پيلي جي بادشاه" سان وابسته ڪري سگهون ٿا. ممڪن آهي ته اهو پوڄاري گوشت و پوست جي صورت ۾ آڻليءَ جي عظيم آسماني ديوتا، جيوپيٽر، جي شخصيت جي نمائندگي ڪندو هجي، جو ساٿين جي وچ ۾ "مزلٽو"، گجگوڙ- پوهاري يا "سونهري ٽاريءَ" تي رهڻ لاءِ، جا نيميءَ جي پيلي ۾ هڪ مقدس شاهه بلوط جي وڻ تي چمندڙ هئي، بطور احسان وچ جي هڪ زبردست چمڪاٽ ۾ آسمان کان لهي، هيٺ آيو هجي. جيڪڏهن تحقيق اڻين ٿي هو، ته پوءِ اسان کي هن باري ۾ ڪنهن به تعجب ڪرڻ جي ضرورت ناهي ته چو، پوڄاري اگهاڙي تراز ڪٽي، انهيءَ پراسرار ٽاريءَ جي پاسباني ڪندو هو، جنهن سان سندس ديوتا جي ۽ خود سندس زندگي وابسته هئي. اها ديوي، جنهن جي هو خدمت ڪندو هو ۽ جنهن سان هو شادي به ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سا، جيڪڏهن آ؟ صحيح آهيان، "آسمان جي ملڪه"، آسماني ديوتا جي حقيقي زال کان سواءِ ، ٻي ڪا به ڪانه هئي، چاڪاڻ تہ ان کي ٻن ٻيلن ۾ ويران ٻهاڑين جي خاموشيءَ ۾ سکون سان محبت هئي ۾ هوءَ صاف راتين ۾ پنهنجي خوبصورت چهري کي مٿان ٻيڙل چانديءَ جهڙي چنڊ جي صورت ۾ صاف ۽ شفاف ڏنڊ جي ماڻيءَ سطح ، "ڊائنا جي آرسيءَ" ۾ عڪس ريزي ڪندي، خوشيءَ سان ڏسڻ پسند ڪندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اوڻهتروون

نيميءَ سان الوداع

اسين پنهنجيءَ تفتيش جي پڇاڙيءَ ۾ اچي پهتا آهيون، پر انهيءَ دوران ۾، جيئن سچ جي ڳولا ۾ عموماً ٿيندو آهي، اسان جيڪڏهن ڪنهن وقت هڪ سوال جو جواب ڏنو آهي، تہ ساڳئي وقت پيا گهڻيئي سوال اڀاريا آهن، جيڪڏهن هڪ رهگذر وٽي گهر پهتا آهيون، تہ ساڳئي وقت پين اهڙين راهن کي نظر انداز ڪري اڳتي وڌيا آهيون، جي ان مان ڪٿي ٿي نڪتيون ۽ اسان کي "نيميءَ جي مقدس هڙيءَ" ڪان گهڻو دور، پين منزلن طرف وٽي پئي ويون، يا وٽي ويندڙ نظر اچي رهيون هيون. اهڙن رهگذرن مان ڪن تي اسين ٿورو ئي اڳيرو هليا آهيون، پيا ڪي اهڙا به آهن جن تي، جيڪڏهن قسمت مهربان رهي، تہ مصنف ۽ سندس ناظرين ڪنهن ڏينهن گڏجي گامزن ٿيندا، في‌الحال تہ اسان گڏجي تمام دور نڪري آيا آهيون ۽ وقت آيو آهي تہ اتي جدا ٿيون. ان جي باوجود، بهتر ٿيندو تہ اسين هيءَ ڪالهہ دريافت ڪيون تہ ڇا، بني نوع انسان جي غلطيءَ ۽ حماقت جي افسوسناڪ تاريخ مان، جا هن ڪتاب اندر اسان جي زير غور رهي آهي، ڪو عام نتيجو يا سبق، جيڪڏهن ممڪن هجي تہ اميد ۽ همت جو، تہ تہ ٿو حاصل ڪري سگهجي؟ پوءِ، جيڪڏهن اسين هڪ طرف ماٺهوءَ جي هر هنڌ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت جي سکيا ضرورتن جي بنيادي هڪجهڙائيءَ تي، ۽ ٻئي طرف انهن وسيلن جي وسيع فرق تي غور ڪريون، جن کي هن مختلف زمانن ۾ دؤرن ۾ پوري ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي، تہ پوءِ اسين هن فيصلي ڪرڻ لاءِ شايد آماده ٿيون تہ بلند فڪريءَ جي لهر، جيتريقدر اسين ان جي نشاندهي ڪري سگهون ٿا، جادوءَ کان شروع ٿي، مذهب جي منزل وچان لنگهي، سائنس طرف آئي آهي. جادوءَ جي حالت ۾، انسان انهن دشوارين ۽ خطرن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ، جي کيس هرطرف کان ويڙهي وڃن ٿا، پنهنجيءَ خداداد طاقت تي پروسو رکي ٿو. هو فطرت-جي هڪ مقرر ۽ قائم شده نظام ۾ يقين رکي ٿو (جنهن تي هو يقيناً آڌار رکي سگهي ٿو) ۽ ان کي پنهنجي مقصد برآريءَ لاءِ هلائي چلائي سگهي ٿو. جڏهن هو پنهنجي اها غلطي محسوس ڪري ٿو ۽ جڏهن هو بدقسمتيءَ سان هيءَ حقيقت تسليم ڪري ٿو تہ قدرت جو اهو نظام، جنهن کي هن پنهنجي قبضي قدرت ۾ سمجهيو هو ۽ اهو ضابطو، جنهن تي حڪم هلائڻ هن اهڙو آسان سمجهيو هو، سي ٻئي محض ۽ خالص خيال هئا، تڏهن هو پنهنجي عقل ۽ پنهنجي تنها ڪوشش ۽ بي آسره جدوجهد تي آسرو رکڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ پوءِ هو پاڻ کي فطرت جي پڙدي پٺيان ڪم ڪندڙ ڪن اهڙين عظيم غيبي طاقتن جي رحم و ڪرم تي انتهائي بيچارگيءَ جي عالم ۾ اچي اچلائي ٿو، جن ڏانهن هو هينئر اهي سڀ دوررس طاقتون منسوب ڪري ٿو، جي هن ڪنهن وقت پاڻ سان وابسته ڪيون هيون. چنانچہ، ڪن زياده زود فهم دماغن ۾، مذهب بتدريج جادوءَ کي ٽڏي، سندس جاءِ پاڻ اچي والاري ٿو، جو قدرتي نظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تسلسل کي ماڻهوءَ جهڙين کن اهڙين روحاني هستين جي ارادي، جذبي يا خواهش جي نتيجي ۾ هلندڙ سمجهي ٿو، جي جنس ۾ ماڻهوءَ جهڙيون، پر طاقت ۾ ڪائنس تمام زياده اعليٰ ۽ ارفع آهن.

پر، جيئن وقت گذرندو وڃي ٿو، تيئن اها سمجهائي بذاتِ خود غير اطمينان بخش ثابت ٿئي ٿي. چاڪاڻ ته هو هيءَ ڳالهه تسليم ڪري ٿو ته فطرت جي واقعن ۽ حادثن جو تسلسل ڪن ناقابلِ تغير قاعدن مطابق نه، پر ڪن اهڙن قاعدن موجب منظم ٿيل آهي، جي تبديليءَ جي قابل ۽ بيقاعدي آهن. ۽ هن جو اهو قياس زياده قريبي مشاهدي ۽ تبصري سان صحيح ثابت نه ٿو ٿئي. ان جي بلڪل برعڪس، اسين انهيءَ تسلسل کي جئين وڌيڪ باريڪ ۽ گهريءَ نظر سان جاچي ڏسون ٿا، (جتي ۽ ان جو مشاهدو ممڪن آهي)، تيئن ان جي انهيءَ يڪسانيءَ مستعديءَ ۽ باريڪيءَ سبب حيران رهجي وڃون ٿا، جنهن سان قدرت جون ڪارروايون ملا ٻون وڃن ٿيون. علم ۽ عرفان جي رستي ۾ ڪنهيل هر وڏي قدم نظم ۽ ضبط جي دائري کي وڌايو آهي ۽ اوتريءَ حد تائين دنيا ۾ ظاهري بد نظميءَ جي دائري کي محدود ڪيو آهي، تانجو هينئر اسين اڳواٽ ئي هيءَ خيال ڪري سگهون ٿا ته خود انهن علائقن ۾ به، جتي اتفاق ۽ سونجهاري جو راڄ اڃا تائين مسلط آهي، زياده مڪمل جاڻ ۽ عرفان ڪائنات ۾ ڦهليل ظاهري بد نظميءَ کي گهٽائي ڇڏيندو. چنانچه، پين کان زياده تيز فهم دماغ رکندڙ ماڻهو ڪائناتي اسرارن جي زياده عميق حل کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، فطرت جي مذهبي نظريي کي ناڪافي سمجهن ٿا ۽ انهيءَ دعويٰ کي زياده واضح طريقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بيان ڪرڻ سان، جنهن کي جادوءَ فقط دليل لفظن ۽ تسليم ڪيو هو، ڪجهه قدر جادوءَ جي وڏيڪ پراڻي نظريي طرف واپس ورن ٿا، يعني فطرتي واقعن جي تنظيم ۽ انهيءَ غير متبدل باقاعدگيءَ کي تسليم ڪن ٿا جا، جيڪڏهن ان کي غور سان جاچيو وڃي، اسان کي انهن جي راه متعلق اڳواٽ ئي يقين سان اندازي ڪرڻ ۽ ان جي مطابق عمل ڪرڻ ۽ مدد ڏئي ٿي.

پر، جيڪڏهن هڪ طرف سائنس جو انهيءَ حد تائين جادوءَ سان مشترڪ ورثو آهي، جو انهن ٻنهي جو بنياد انهيءَ نظر ۽ ضبط ۽ اعتقاد هڻڻ تي رکيل آهي، جنهن کي اهي سيني ڳالهين جو بنيادي اصول تسليم ڪن ٿا، پر ان جي باوجود، هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي هن ڳالهه ياد ڏيارڻ جو ضرور ناهي ته جنهن نظام کي جادو تسليم ڪري ٿو، سو انهيءَ کان گهڻي قدر مختلف آهي، جنهن تي سائنس جو بنياد رکيل آهي. اهو فرق، بلڪل فطرتي طور، انهن مختلف طريقن ۽ رستن تي هلڻ جو نتيجو آهي، جن جي ذريعي انسان انهن ٻنهي نظامن تائين پهتو آهي. چاڪاڻ ته هن ڳالهه جي باوجود ته اهو نظام، جنهن کي جادو تسليم ڪري ٿو، هڪ غلط مشابهت ذريعي، انهيءَ نظام جو محض هڪ وڌاءُ آهي، جنهن موجب مختلف خيال ۽ نظريا پاڻ کي اسان جي دماغ ۽ پيش ڪن ٿا. اهو نظام، جنهن کي سائنس تسليم ڪري ٿي، سو خود فطرتي نظام جي صبر آزما ۽ باريڪ مشاهدي مان حاصل ڪيل آهي. انهن نتيجن جي ڪثرت، پختگيءَ ۽ جلوي، جي هن کان اڳ ئي سائنس حاصل ڪيا آهن، تن اسان کي ان جي طريقن ۽ راه عمل جي معقوليت جي باري ۽ همت افزا يقين سان مامور ڪيو آهي. آخر ڪار، اتي پهچي، بي شمار صدين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان وٹي اونده ۾ ٽاڪوڙن هٽڻ کان پوءِ، اسان انهيءَ گورک ڏنڊي جي ڪنجي وڃي حاصل ڪئي آهي، اها ڪنجي، جا فطرت جي خزاني جا بيشمار تالا کولي رهي آهي. هن ڳالهه ڪرڻ ۾ شايد مبالغو ڪونهي ته مستقبل ۾ ترقيءَ - اخلاقي، دماغي خواه مادي - جي اميد سائنس جي ترقيءَ سان ئي وابسته آهي ۽ سائنسي ايجاد جي راه ۾ جيڪا به رڪاوٽ پيش ڪئي ويندي، سا بني نوع انسان سان هڪ ناحق ڪرڻ جي مترادف ٿيندي.

ان جي باوجود، انساني فڪر جي تاريخ اسان کي هن فيصلي ڪرڻ کان خبردار ڪري ٿي ته چاڪاڻ ته ڪائنات متعلق هن وقت تائين جيڪي به نظريا قائم ڪيا ويا آهن، تن سڀني مان سائنسي نظريوئي بهترين آهي، جنهن ڪري اهوئي لازمي طور مڪمل ۽ آخرين نظريو هوندو. اسان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته بنياد وٽ سائنس جا ترتيب ڏنل اصول، يا وڌيڪ عام فهم لفظن ۾ چئجي ته فطرت جا قانون، انساني غور ۽ فڪر جي دائمي طور ڦرندڙ گهرندڙ دوکي کي سمجهائڻ لاءِ ايجاد ڪيل محض اهي قياس آرايون آهن، جن کي اسين دنيا ۽ ڪائنات جهڙن شاندار لفظن سان نوازيون ٿا. آخرين تجزيي ۾ جادو، مذهب ۽ سائنس انساني فڪر جي مختلف نظرين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهن، ۽ جيئن ته سائنس پنهنجن پيشروئن کي سندن حاصل ڪيل مقام تان هٽائي، دور ڪٽي ڦٽو ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح ممڪن آهي ته خود سنس ستان به ڪو زياده مڪمل قياس، فطرتي نظام کي ڏسڻ جو ڪو بلڪل مختلف نمونو— پاڻ کي پڙدي ۾ ڇڻو ڪري ڏيکارڻ جو— غالب ٿيڻي وڃي، جنهن جي متعلق اسين هلندڙ دؤر ۾ ڪوبه صحيح نظريو قائم نه ٿا ڪري سگهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

و عرفان جي ترقي، هڪ اهڙيءَ منزل طرف ابدي واڌاري جو آهي، جا هميشه پنڌ ڪندي رهي ٿي. اهڙي لامتناهي قب تي اسان کي هروپرو رنج نہ ٿيڻ گهرجي.

انهيءَ تعاقب مان وڏا نتيجا رونما ٿيندا، جيتوڻيڪ اسان موجوده نسل انهن کي شايد نہ ماڻي سگهي. ممڪن آهي ته تقبل جي ڪنهن مسافر مٿان— خيالات جي ملڪ جي ڪنهن عظيم ولائيسس تي— انهن سڀني کان زياده چمڪدار ستارا روشن ٿين، هن وقت تائين اسان جي مٿان روشن ٿي سگهيا آهن. امڪان ي ته جادوءَ جا خواب ڪنهن وقت وڃي شايد سائنس جون ار حقيقتون ثابت ٿين. پر انهيءَ خوبصورت منظر جي پرئين ناري جي آرپار هڪ اونداهو پاڇو پيل آهي، جاڪاڻ ته و عرفان ۽ قوت جو ڪيتريقدر به بي پايان واڌارو ٿئي، جنهن انسان لاءِ مستقبل ۾ شايد ذخيره ٿيل هجي، ته به هو انهن ليم طاقتن جي وهڪري کي روڪڻ جي، مشڪل کا اميد رکي ڪهي ٿو، جي خاموشيءَ ۾ مستعديءَ سان ستارن پريءَ هن ڪائنات جي تباهيءَ لاءِ پيشقدمي ڪندين نظر اچن ٿيون، جنهن اسان جي ذرتي هڪ حقير ذري مثال تري رهي آهي. ايندڙ انن ۾، ممڪن آهي ته انسان شايد هوائن جي ناخلف ۽ نافرمانبردار جي متعلق کا پيشينگوئي ڪري سگهي يا شايد مٿن ضابطو به ئي سگهي، پر سندس نندڙن هٿڙن ۾ايتري طاقت مشڪل هوندي، هن سان آهي اسان جي هن سست رفتار سيارہ کي سندس گردش يءَ راه ۾ واپس آڻي، آهائي تيز روي عطا ڪري سگهندا يا سج جي هاندڙ باهه کي وري روشن ڪري سگهندا. ان جي باوجود، و فلسفي، جو اهڙين ڏورانهين تباهين جي خيال اچڻ سان ڏڪي

ه يوناني ڏندڪٿائن جو هڪ مشهور ۽ بهادر هيرو، جنهن بهادريءَ جا ڪارنامه ڪري ۽ خطرناڪ بحري سفر طئي ڪري، ڪيئي بلائون ماريون ۽ شهرت حاصل ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ءَ ڪنبي ٿو، سو پاڻ کي هن خيال سان تسلي ڏيئي سگهي
تہ اهڙا اونداها انديشا، خود زمين ءَ سج وانگر، انهيءَ خ
ءَ غيرموجود عالم جا محض ڪجهہ حصا آهن، جنهن کي ماڻ
جي خيال خلا مان وجود ۾ آندو آهي، ۽ اهي پاڇا، جن
هين حرفتي جادوگرياڻيءَ اڄ اسان جي خيالي فضا ۾ وجود ۾
آهي، تن تي اها سياڻي شايد بندش وجهي چڏي. اهي ٻڌ،
گهٽين اهڙين شين وانگر، جي عام نظرن ۾ پائدار ۽ حقيقي م
ڏين ٿيون، ڪنهن وقت شايد هوا، ڪنهن بلڪل باريڪ
لطيف هوا ۾ پگهرجي ۽ بخار ٿي اڏامي وڃن.

مستقبل ۾ ايتريقدر عميق غوطي کائڻ کان سواءِ ٿي، ا
انهيءَ رستي کي، جنهن تي انساني فڪر هن وقت تائين گا
رهيوآهي، هن مشابهت ذريعي شايد واضح ڪري سگهون تہ اهوتن ميخ
رنگن جي ڏاڪڻ ــ جادوءَ جي ڪاري ڏاڳي، مذهب جي ڳاڙهي ڏاڳ
سائنس جي اڇي ڏاڳي، بشرطيڪ سائنس جي تحت اسين ا
سڏين سادين حقيقتن کي بہ شامل ڪريون، جيڪي فطرت
مشاهدي مان حاصل ڪيل آهن ۽ جن جو مختلف زمانن
ماڻهن وٽ ڪافي وڏو ذخيرو موجود رهيوآهي - مان اٽيل هڪ جا
وانگر آهي. پوءِ، جيڪڏهن اسين خيال جي انهيءَ جاريءَ
ابتدا کان وٺي چائزو وٺي سگهون، تہ اسان کي پهرينءَ ئي جهہ
۾ فقط اڇي ۽ ڪاري رنگ جي ڏاڪڻ مان اٽيل هڪ اه
چوڪڙيدار چيز نظر ايندي، جنهن تي سڄن ۽ ڪوڙن خ
جون چتيون لڳل هونديون، پر جنهن تي مذهب جي ڳاڙ
ڏاڳي جي اٽت جو ايڏا ڪوبہ نشان نظر ڪونہ ايندو. پر، انہ
ڪپڙي تي ٽورو اڳيرو نظر ڊوڙائيي تہ معلوم ٿيندو تہ اڇي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاري رنگ جي پٽن ۽ چوڪڙين جي موجود گيءَ جي باوجود،
ريءَ جي وسطي حصي ۾، جتي مذهب ان جي ثانيءَ ۽
ي- اندر تمام گهري نموني سان داخل ٿيو آهي، هڪ ڳوڙهو
نزي داغ نظر ايندو، جو بلڪل نامعلوم طريقي سان، آهستي
ستي، جيئن جيئن ان جي سٽ ۾ سائنس جو اڇو ڏاڪو زياده
اڇا ۾ زياده استعمال ٿيندو ويو آهي، هڪ هلڪو رنگ اختيار
ڪندو ويو آهي. اهڙيءَ پٽاپٽي ۽ داغدار جاريءَ کي، جنهن
مختلف رنگن جا ڏاڪا اهڙيءَ طرح پريا ويا هجن، پر جا
ئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڪٿ تي آهستي آهستي رنگ مٽائيندي
جي، انساني فڪر جي جديد حالت سان مشابهت ڏيئي سگهجي
، جنهن ۾ هن جي متضاد ۽ مختلف ارادن ۽ نظرين کي ۾
ڪل ڪيو ويو هجي. چا، اها عظيم تحريڪ، جا صدين کان
ي انساني فڪر جي شڪل و صورت کي ڦيرائيندي رهي آهي،
ستقبل قريب ۾ ۾ جاري رکي ويندي؟ يا زمانو کو اهڙو پلٽو
ائيندو، جو ترقيءَ جي رفتار کي بند ڪندو يا جيڪي ڪجهه
اصل ڪيو ويو آهي، تنهن جي مٿان ۾ پاڻي ڦيرائي ڇڏيندو؟
هنجيءَ مٿي ذڪر ڪيل مثالي آڪاٽيءَ تي نظر رکندي، ڪٽي
يئن پڇجي ته مستقبل ۾ انهيءَ جاريءَ جو ڪهڙو رنگ وڃي
هندو، جنهن کي "تقدير" وقت جي تيز رفتار آڏاڻي تي هين
نت آڻي رهي آهي؟ چا، اها اڇي هوندي يا ڪاڙهي؟ اسين
هيءَ جواب ڏيڻ کان قاصر آهيون. جاريءَ جي پوئين حصي کي
ڪ ڏنڊلو ۽ چمڪندڙ شعاع روشن ڪري رهيو آهي، باقي
ن جي ٻئي چيڙي کي ڪارا ڪڪر ۽ گهاڻي اونداهي پوشيده
ڪيو ويٺا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ڪوجنا ۽ تجسّس جو طويل سفر اڄي ختم ٿيو آهي ۽ اسان جي ٽڪل ۽ ماندي غوراب، آخرڪار، بندرگاه ۾ پهچي، پنهنجا سڙهه هيٺ لاٿا آهن. هڪ دفعو وري ٻيهر، اسان نيميءَ جو رخ اختيار ڪريون ٿا. شام ٿي چڪي آهي ۽ جيئن اسين آلبن ٽڪرين ڏانهن ويندڙ "اپين" شاهراه واريءَ ڏڪهيءَ ۽ اوچيءَ چاڙهيءَ تي مٿي چڙهي رهيا آهيون، تيئن اسين پٺتي نگاه ڪندي آسمان ڪي غروب ٿيندڙ سج جي شعاعن سان باهه وانگر سرخ ٿيندي ۽ ان جي زرين جلوي ڪي ڪنهن مرندڙ بزرگ جي چهري جي چوگرد پيل نوراني حلقي وانگر روم جي قديم شهر ڪي پنهنجي گهيري ۾ آٿيندي ۽ سينٽ پيٽر ديول جي قبي ڪي آفتابي باهه جي جيءَ سان چهندي ڏسون ٿا. هڪ دفعي جو ڏٺل اهو نظارو ناقابل فراموش آهي، پر اسين ان ڪان منهن موڙي، جبل جي ڪناري ڪناري، منهن اونداهيءَ سهل پنهنجو اهوئي رستو اختيار ڪريون ٿا، تانجو نيميءَ ۾ پهچي وڃون ٿا ۽ ڏنڌ ڪي پنهنجي عميق گهرائيءَ ۾ ستل ڏسون ٿا، جا هينئر شام جي پاڇن ۾ تيزيءَ سان غائب ٿيندي وڃي ٿي. انهيءَ هنڌ تي ان وقت ڪان وٺي ڪا ٿوري ئي تبديلي واقع ٿي آهي، جڏهن ڊائنا ديوي پنهنجيءَ مقدس هڙيءَ ۾، پنهنجن پوڄارين جو نياز حاصل ڪندي هئي. انهيءَ ٻيلائي ديويءَ جو سندر هن وقت تحقيق غائب ٿي چڪو آهي ۽ "ٻيلي جو بادشاه" هينئر "سونهري ڏاريءَ" جي پاسباني ڪري. پر نيميءَ جا ٻيلا اڃا تائين سرسبز و شاداب آهن ۽ غروب ٿيندڙ سج جي آخرين روشنائي، جنهن وقت مغرب ۾ انهن جي مٿان جهڪي ٿيندي وڃي ٿي، تڏهن هوا جي لهرن جي ڪلهن تي ڪجي ايندڙ، رومي گرجائن جي گهنڊن جو آواز "انگيلس" وڄائيندو. اسان جي ڪنن تائين اڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچي ٿو. خدا حافظ! انهن گهنڊن جو مڌر ۽ سنڇيده آواز، دور واقع شهر مان نڪري، ڪئمپيگنان ويرانين جي بي پايان وسعت مڙان گذرندو، بتدريج گم ٿيندو وڃي ٿو. خدا حافظ!

پورو ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٽي سڳهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمـلَ مـان ڪـو بـہ مـالي فائدو يا نفعو حاصـل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڑهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڀاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن **The Reading Generation**

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book